# قرآن مجيد

سنڌي ترجمي

سان

إِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَإِنَّا لَهُ لَحَافِظُونَ

إِنَّهُ لَقُرْآنٌ كَرِيمٌ فِي كِتَابٍ مَكْنُونٍ لَا يَمَسُّهُ إِلَّا الْمُطَهَّرُونَ تَنْزِيلٌ مِنْ رَبِّ الْعَالَمِينَ

هن قرآن شريف ۾ سندس ترجمي جي ڇپائي جي
حڪم جي سعادت سعودي عرب جي بادشاهہ خادم الحرمين الشريفين
شاهہ فهد بن عبدالعزيز آل سعود حاصل ڪئي.

تشرّف بالأمر بطباعة هذا المصحف الشريف وترجمة معانيه
خادم الحرمين الشريفين الملك فهد بن عبد العزيز آل سعود
ملك المملكة العربية السعودية

هذا المُصْحَفُ الشَّرِيفُ وَتَرجمةُ معانيهِ

هَدِيَّةٌ مِن خادِمِ الحَرَمَيْنِ الشَّرِيفَيْنِ المَلِكِ فَهْدِ بنِ عَبْدِ العَزِيزِ آل سُعُود

تُوَزَّعُ مَجَّانًا

# القرآن الكريم

## وترجمة معانيه إلى اللّغةِ السّنديّة

مُجَمَّعُ المَلِكِ فَهْدٍ لِطِبَاعَةِ المُصْحَفِ الشَّرِيفِ

هيءُ قرآن شريف ۽ سندس سنڌي ترجمو خادم الحرمين الشريفين
شاھ فهد بن عبدالعزيز آل سعود پاران هديو آهي.

مفت ورهائڻ لاءِ

# قرآن مجيد

## سنڌي ترجمي سان

شاھ فهد قرآن شريف پرنٽنگ ڪمپليڪس

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَنِ الرَّحِيمِ

# مقدمة

بقلم معالي الشيخ : صالح بن عبد العزيز بن محمد آل الشيخ
وزير الشؤون الإسلامية والأوقاف والدعوة والإرشاد
المشرف العام على المجمع

الحمد لله رب العالمين ، القائل في كتابه الكريم :
﴿ ... قَدْ جَآءَكُم مِّنَ ٱللَّهِ نُورٌ وَكِتَٰبٌ مُّبِينٌ ﴾ .
والصلاة والسلام على أشرف الأنبياء والمرسلين، نبينا محمد، القائل :
(( خيركم من تعلّم القرآن وعلّمه )) .
أما بعد :

فإنفاذاً لتوجيهات خادم الحرمين الشريفين، الملك فهد بن عبد العزيز آل سعود، حفظه الله، بالعناية بكتاب الله، والعمل على تيسير نشره، وتوزيعه بين المسلمين، في مشارق الأرض ومغاربها، وتفسيره، وترجمة معانيه إلى مختلف لغات العالم .

وإيماناً من وزارة الشؤون الإسلامية والأوقاف والدعوة والإرشاد بالمملكة العربية السعودية، بأهمية ترجمة معاني القرآن الكريم، إلى جميع لغات العالم المهمة، تسهيلاً لفهمه على المسلمين الناطقين بغير العربية، وتحقيقاً للبلاغ المأمور به في قوله صلى الله عليه وسلم : (( بَلِّغُوا عني ولو آية )) .

وخدمة لإخواننا الناطقين باللغة السندية، يطيب لمجمع الملك فهد لطباعة المصحف الشريف بالمدينة المنورة، أن يقدم للقارئ الكريم هذه الترجمة باللغة السندية، التي أعدها الشيخ تاج محمود الأمروتي رحمه الله، وراجعها من قبل المجمع فضيلة الدكتور عبد القيوم ابن عبد الغفور السندي .

ونحمد الله سبحانه وتعالى أن وفق لإنجاز هذا العمل العظيم، الذي نرجو أن يكون خالصاً لوجهه الكريم، وأن ينفع به الناس .

إننا لندرك أن ترجمة معاني القرآن الكريم – مهما بلغت دقتها – ستكون قاصرة عن أداء المعاني العظيمة التي يدل عليها النص القرآني المعجز،وأن المعاني التي تؤديها الترجمة إنما هي حصيلة ما بلغه علم المترجم في فهم كتاب الله الكريم، وأنه يعتريها ما يعتري عمل البشر كلّه من خطأ ونقص .

ومن ثم نرجو من كل قارئ لهذه الترجمة أن يوافي مجمع الملك فهد لطباعة المصحف الشريف بالمدينة النبوية، بما قد يجده فيها من خطأ أو نقص أو زيادة، للإفادة من الاستدراكات في الطبعات القادمة إن شاء الله.

والله الموفق ، وهو الهادي إلى سواء السبيل ، اللهم تقبل منا إنك أنت السميع العليم

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# مهاڳ

## بقلم معالي الشيخ: صالح بن عبدالعزيز بن محمد آل الشيخ

وزير اسلامي امور ۽ اوقاف ۽ دعوت و ارشاد
نگران اعليٰ قرآن شريف پرنٽنگ ڪمپليڪس

سڀ ساراهه جهانن جي پالڻهار الله کي جڳائي جنهن پنهنجي سڳوري ڪتاب ۾ فرمايو آهي ته: ”بيشڪ اوهان وٽ الله طرفان نور ۽ پڌرو ڪتاب (قرآن) آيو آهي)، ۽ رحمت ۽ سلامتي نبين ۽ رسولن جي اڳواڻ اسان جي پيغمبر محمدﷺ تي هجي جنهن فرمايو ته: ”توهان مان ڀلي ۾ ڀلو ماڻهو اهو آهي جنهن قرآن پڙهيو ۽ پاڙهيو“ .

اما بعد: قرآن شريف جي خدمت ۽ ان جي نشر و اشاعت کي آسان بنائڻ ۽ پوري دنيا جي مسلمانن ۾ ان کي عام ڪرڻ ۽ دنيا جي مختلف ٻولين ۾ ان جي تفسير ۽ ترجمي ڪرڻ بابت خادم حرمين شريفين شاهه فهد بن عبدالعزيز آل سعود جي احڪامن کي بجا آڻيندي، ۽ سعودي عرب جي وزارت اسلامي امور ۽ اوقاف ۽ دعوت و ارشاد جي مقصدن پٽاندر پوري دنيا جي اهم ٻولين ۾ قرآن شريف جي ترجمي جي ان اهميت جي پيش نظر ته جيئن غير عرب مسلمانن لاءِ ان کي سمجهڻ آسان ٿئي، ۽ پاڻ سڳورنﷺ جي تبليغ بابت فرمان ته: ”منهنجي ڳالهه ٻين تائين پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ تي عمل ڪندي، ۽ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ پنهنجي مسلمان ڀائرن جي خدمت جي پيش نظر، شاهه فهد قرآن شريف پرنٽنگ ڪمپليڪس مدينه منوره کي قرآن شريف جو هي سنڌي

ترجمو سندس پڙهندڙن آڏو پيش ڪندي خوشي محسوس ٿي رهي آهي جيڪو مجاهد اسلام حضرت علامہ تاج محمود امروٽي (رحمة الله عليہ) جو تيار ڪيل آهي، جنهن تي قرآن ڪمپليڪس پاران جناب ڊاڪٽر عبدالقيوم بن عبدالغفور السندي (اسسٽنٽ پروفيسر قراءَت ڊپارٽمينٽ، دعــوة فيڪلٽي، ام القــريٰ يونيــورسٽي مڪہ مڪرمہ) نظر ثاني ڪئي آهي.

اسين الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ شڪر گذار آهيون جنهن هن عظيم ڪم کي سرانجام ڏيڻ جي توفيق بخشي. ڪانئس اميد آهي تہ ڪيس پنهنجي ذات پاڪ لاءِ خالص بڻائي ۽ ماڻهن لاءِ پڻ مفيد بڻائي.

اسين چڱيءَ طرح ڄاڻون ٿا تہ قرآن شريف جو ترجمو ڪيترو بہ باريڪ بينيءَ سان ٿيل هجي تڏهن بہ انهن عظيم معنائن جي ادائگيءَ کان قاصر رهندو جن تي اعجازي قرآن شريف جا اکر پاڻ دلالت ڪري رهيا آهن، ۽ جيڪا معنيٰ ترجمو ادا ڪري رهيو آهي سا رڳو ترجمي ڪندڙ جي ڄاڻ ۽ سندس قرآن فهمي جي انتها جو نچوڙ آهي، ۽ يقيناً بشري تقاضائن مطابق منجهس ڪو نڪو عيب ضرور رهيو وجي. تنهن ڪري هن ترجمي جي هر پڙهندڙن کان گذارش ٿي ڪجي تہ هو هن ترجمي ۾ ڪابہ گهٽ وڌائي يا لغرش ڏسن تہ ان جو اطلاع شاه فهد قرآن شريف پرنٽنگ ڪمپليڪس مدينہ منوره جي مرڪزي اداري کي ضرور ڪن تہ جيئن اهڙيءَ درستگيءَ کان انشاءَ الله ايندڙ اشاعتن ۾ استفادو ڪيو وڃي.

الله ئي توفيق بخشيندڙ آهي، ۽

اهو ئي سنئين واٽ ڏيکاريندڙ آهي.

الله! اسان جو هي عمل قبول فرماءِ، يقيناً تون ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهين.

# قرآن مجيد

## سنڌي ترجمي سان

مترجم

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي

"رحمه الله"

شاه فهد قرآن شريف پرنٽنگ ڪمپليڪس

مدينہ منوره ـ سعودي عرب

# سُورَةُ الفَاتِحَةِ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝۱

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَۙ ۝۲ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِۙ ۝۳ مٰلِكِ يَوۡمِ الدِّيۡنِؕ ۝۴

اِيَّاكَ نَعۡبُدُ وَاِيَّاكَ نَسۡتَعِيۡنُؕ ۝۵ اِهۡدِنَا الصِّرَاطَ الۡمُسۡتَقِيۡمَۙ ۝۶

صِرَاطَ الَّذِيۡنَ اَنۡعَمۡتَ عَلَيۡهِمۡ ۙ غَيۡرِ الۡمَغۡضُوۡبِ عَلَيۡهِمۡ وَلَا الضَّآلِّيۡنَ ۝۷ ع

**سورة فاتحه مڪي ۾ لٿي ۽ هن ۾**
**ست آيتون آهن**

**الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع) (١) .**

سڀ ساراه (خاص) جهانن جي پالڻهار الله کي جڳائي (٢) . (جو) ٻاجهارو مهربان (٣) . قيامت جي ڏينهن جو مالڪ (آهي) (۴) . تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا ۽ تو کان ئي مدد گهرون ٿا (٥) . اسان کي سڌي واٽ ڏيکار (٦) . جا انهن جي واٽ آهي جن تي فضل ڪيو اٿيئي نہ انهن جي (واٽ) جن تي (تنهنجو) ڏمر ٿيل آهي ۽ نہ گمراهن جي (واٽ) (٧) .

## سُورَةُ الْبَقَرَةِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الٓمٓ ﴿١﴾ ذٰلِكَ الْكِتٰبُ لَا رَيْبَ فِيْهِ هُدًى لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٢﴾ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ
بِالْغَيْبِ وَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿٣﴾ وَالَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ
بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ وَمَآ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلِكَ وَبِالْاٰخِرَةِ هُمْ يُوْقِنُوْنَ ﴿٤﴾

سورة بقرة مديني ۾ لٿي ۽ هيءَ به سؤ
ڇهاسي آيتون ۽ چاليه رڪوع آهي

اللہ ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

الم (١). هيءُ ڪتاب، جنهن ۾ ڪو شڪ ڪونهي، اُنهن خدا ترسن کي سڌو رستو ڏيکاريندڙ آهي (٢). جيڪي اڻ ڏٺي تي ايمان آڻيندا آهن ۽ نماز (ساري) پڙهندا آهن ۽ ڪين جيڪي رزق ڏنوسين تنهن مان (اللہ جي راهه ۾) خرچ ڪندا آهن (٣). ۽ اُهي (اي پيغمبر) جيڪو (قرآن) توڏانهن لاٿو ويو ۽ جيڪي توکان اڳ (ٻين پيغمبرن تي) لاٿو ويو تنهن کي مڃيندا آهن ۽ اُهي آخرت تي يقين رکندا آهن (٤).

اُولٰٓئِكَ عَلٰى هُدًى مِّنْ رَّبِّهِمْ ۙ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۵
اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا سَوَآءٌ عَلَيْهِمْ ءَاَنْذَرْتَهُمْ اَمْ لَمْ تُنْذِرْهُمْ
لَا يُؤْمِنُوْنَ ۶ خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَعَلٰى سَمْعِهِمْ ؕ وَعَلٰٓى
اَبْصَارِهِمْ غِشَاوَةٌ ۫ وَّلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ۷ وَمِنَ النَّاسِ
مَنْ يَّقُوْلُ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَبِالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَمَا هُمْ بِمُؤْمِنِيْنَ ۸
يُخٰدِعُوْنَ اللّٰهَ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۚ وَمَا يَخْدَعُوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَهُمْ
وَمَا يَشْعُرُوْنَ ۹ ؕ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ ۙ فَزَادَهُمُ اللّٰهُ مَرَضًا ۚ
وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۙ بِمَا كَانُوْا يَكْذِبُوْنَ ۱۰ وَاِذَا قِيْلَ
لَهُمْ لَا تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ ۙ قَالُوْٓا اِنَّمَا نَحْنُ مُصْلِحُوْنَ ۱۱
اَلَآ اِنَّهُمْ هُمُ الْمُفْسِدُوْنَ وَلٰكِنْ لَّا يَشْعُرُوْنَ ۱۲ وَاِذَا
قِيْلَ لَهُمْ اٰمِنُوْا كَمَآ اٰمَنَ النَّاسُ قَالُوْٓا اَنُؤْمِنُ كَمَآ اٰمَنَ
السُّفَهَآءُ ؕ اَلَآ اِنَّهُمْ هُمُ السُّفَهَآءُ وَلٰكِنْ لَّا يَعْلَمُوْنَ ۱۳
وَاِذَا لَقُوا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قَالُوْٓا اٰمَنَّا ۖۚ وَاِذَا خَلَوْا اِلٰى
شَيٰطِيْنِهِمْ ۙ قَالُوْٓا اِنَّا مَعَكُمْ ۙ اِنَّمَا نَحْنُ مُسْتَهْزِءُوْنَ ۱۴
اَللّٰهُ يَسْتَهْزِئُ بِهِمْ وَيَمُدُّهُمْ فِيْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ۱۵

اِهي ئي (انهيءَ) سڌي واٽ تي آهن جا سندن پالڻهار کان (ڏسيل) آهي ۽ اِهي ئي ڇوٽڪاري وارا آهن (٥). بيشڪ جن انڪار ڪيو تن تي (اي پيغمبر!) تنهنجو کين ڊيڄارڻ يا نه ڊيڄارڻ هڪ جهڙو آهي اُهي ايمان نه آڻيندا (٦). الله سندن دلين تي ۽ سندن ڪنن تي مُهر هنئي آهي ۽ سندن اکين تي پردو (چڙهيل) آهي ۽ اُنهن لاءِ وڏو عذاب آهي (٧). ۽ ماڻهن مان ڪي (اهڙا) آهن جي چوندا آهن ته الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيوسين ۽ حقيقت ۾ اُهي مؤمن نه آهن (٨). (انهيءَ چوڻ ڪري پنهنجي ڀانئڻ ۾) الله ۽ مؤمنن کي دلبو ڏيندا آهن ۽ حقيقت ۾ پاڻ ڪانسواءِ (ٻئي ڪنهن کي) دلبو نه ڏيندا آهن ۽ نه سمجهندا آهن (٩). سندين دلين ۾ (منافقيءَ جي) بيماري آهي پوءِ الله سندين بيماري وڌائي ۽ اُنهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي انهيءَ ڪري جو (هو) ڪوڙ ڳالهائيندا آهن (١٠). ۽ جڏهن کين چئبو آهي ته ملڪ ۾ فساد نه وجهو (تڏهن) چوندا آهن ته اسين سڌاريندڙ ئي آهيون (١١). خبردار! اهي پاڻ فسادي آهن پر نه سمجهندا آهن (١٢). ۽ جڏهن کين چئبو آهي ته جهڙي طرح ٻين ماڻهن ايمان آندو آهي (تهڙيءَ طرح اوهين به) ايمان آڻيو (تڏهن) چوندا آهن ته جيئن بي سمجهن ايمان آندو آهي تيئن ايمان آڻيون ڇا؟ خبردار! اُهي ئي بي سمجهه آهن پر نه ڄاڻندا آهن (١٣). ۽ جڏهن مؤمنن سان ملندا آهن (تڏهن) چوندا آهن ته اسان ايمان آندو آهي ۽ جڏهن پنهنجن شيطانن (سردارن) سان اڪيلو ملندا آهن (تڏهن) چوندا آهن ته اسين (پر ۾) اوهان سان آهيون اسين (مؤمنن سان) رڳو چٿر ڪندڙ آهيون (١٤). الله انهن سان چٿر ڪندو آهي ۽ اُنهن کي، جو پنهنجيءَ گمراهيءَ ۾ حيران آهن، ڍيگهه ڏيندو آهي (١٥).

أُولَٰٓئِكَ الَّذِينَ اشْتَرَوُا الضَّلَٰلَةَ بِالْهُدَىٰ فَمَا رَبِحَت تِّجَٰرَتُهُمْ
وَمَا كَانُوا مُهْتَدِينَ ﴿١٦﴾ مَثَلُهُمْ كَمَثَلِ الَّذِي اسْتَوْقَدَ نَارًا ج
فَلَمَّآ أَضَآءَتْ مَا حَوْلَهُۥ ذَهَبَ اللَّهُ بِنُورِهِمْ وَتَرَكَهُمْ فِي
ظُلُمَٰتٍ لَّا يُبْصِرُونَ ﴿١٧﴾ صُمٌّۢ بُكْمٌ عُمْىٌ فَهُمْ لَا يَرْجِعُونَ ﴿١٨﴾ أَوْ
كَصَيِّبٍ مِّنَ السَّمَآءِ فِيهِ ظُلُمَٰتٌ وَرَعْدٌ وَبَرْقٌ ج يَجْعَلُونَ
أَصَٰبِعَهُمْ فِيٓ ءَاذَانِهِم مِّنَ الصَّوَٰعِقِ حَذَرَ الْمَوْتِ ط وَاللَّهُ مُحِيطٌۢ
بِالْكَٰفِرِينَ ﴿١٩﴾ يَكَادُ الْبَرْقُ يَخْطَفُ أَبْصَٰرَهُمْ ط كُلَّمَآ أَضَآءَ لَهُم
مَّشَوْا فِيهِ ق وَإِذَآ أَظْلَمَ عَلَيْهِمْ قَامُوا ط وَلَوْ شَآءَ اللَّهُ لَذَهَبَ
بِسَمْعِهِمْ وَأَبْصَٰرِهِمْ ط إِنَّ اللَّهَ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ ﴿٢٠﴾ ع يَٰٓأَيُّهَا
النَّاسُ اعْبُدُوا رَبَّكُمُ الَّذِي خَلَقَكُمْ وَالَّذِينَ مِن قَبْلِكُمْ
لَعَلَّكُمْ تَتَّقُونَ ﴿٢١﴾ لا الَّذِي جَعَلَ لَكُمُ الْأَرْضَ فِرَٰشًا وَالسَّمَآءَ بِنَآءً ص
وَأَنزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَأَخْرَجَ بِهِۦ مِنَ الثَّمَرَٰتِ رِزْقًا لَّكُمْ ج
فَلَا تَجْعَلُوا لِلَّهِ أَندَادًا وَأَنتُمْ تَعْلَمُونَ ﴿٢٢﴾ وَإِن كُنتُمْ فِي رَيْبٍ
مِّمَّا نَزَّلْنَا عَلَىٰ عَبْدِنَا فَأْتُوا بِسُورَةٍ مِّن مِّثْلِهِۦ ص وَادْعُوا
شُهَدَآءَكُم مِّن دُونِ اللَّهِ إِن كُنتُمْ صَٰدِقِينَ ﴿٢٣﴾

اِهي اُهي آهن جن هدايت جي بدران گمراهي خريد ڪئي پوءِ سندن واپار ڪين فائدو نہ ڏنو ۽ نڪي اُهي هدايت وارا ٿيا (١٦). سندن مثال انهيءَ جي مثال جهڙو آهي جنهن باهہ ٻاري پوءِ جنهن مهل باهہ پنهنجي آسپاس کي روشن ڪيو (تنهن مهل) الله سندن سوجهرو اُجهايو ۽ کين اونداهين ۾ ڇڏي ڏنائين جو نہ ڏسن (١٧). (اهي) ٻوڙا، گونگا، انڌا آهن پوءِ اُهي نہ موٽندا (١٨). يا (سندن مثال اُنهيءَ) آسماني برسات (وارن) جهڙو آهي جنهن ۾ اونداهيون ۽ گاج ۽ وڄ هجي- اُهي پنهنجيون آڱريون پنهنجن ڪنن ۾ ڪڙڪن کان موت جي ڀوَ ڪري وجهن ۽ الله ڪافرن کي گهيرو ڪندڙ آهي (١٩). وڄ سندين اکين (جي سوجهري) کي اُمالڪ کسڻ تي هجي، جڏهن بہ انهن لاءِ چمڪي (تڏهن) منجهس هلن ۽ جڏهن مٿن اونده ڪري تڏهن بيهي رهن- ۽ جيڪڏهن الله گهري ها تہ سندن ٻڌڻ ۽ سندن ڏسڻ ضرور وڃائي ڇڏي ها، ڇو تہ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وسوارو آهي (٢٠). اي انسانو! پنهنجي انهيءَ پالڻهار جي عبادت ڪريو جنهن اوهان کي ۽ جي اوهان کان اڳ هئا تن کي پيدا ڪيو تہ مَن اوهان ڊڄو (٢١). جنهن اوهان لاءِ زمين کي وڇائو بڻايو ۽ آسمان کي ڇت ۽ (مينهن جو) پاڻي آسمان کان وسايائين پوءِ ان سان (هر جنس جي) ميون منجهان اوهان لاءِ روزي پيدا ڪيائين پوءِ اوهين ڄاڻ هوندي الله سان ڪنهن کي شريڪ نہ ڪريو (٢٢) ۽ پنهنجي ٻانهي (محمد ﷺ) تي جيڪو (قرآن) لاٿو سون تنهن کان جيڪڏهن اوهين شڪ ۾ آهيو تہ ان جهڙي ڪائي سورت بڻائي آڻيو ۽ الله کان سواءِ پنهنجا مددگار (بہ) سڏيو جيڪڏهن اوهين سچا آهيو (٢٣).

فَاِنۡ لَّمۡ تَفۡعَلُوۡا وَلَنۡ تَفۡعَلُوۡا فَاتَّقُوا النَّارَ الَّتِىۡ وَقُوۡدُهَا
النَّاسُ وَالۡحِجَارَةُ ۖۚ اُعِدَّتۡ لِلۡكٰفِرِيۡنَ ﴿۲۴﴾ وَبَشِّرِ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ
عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمۡ جَنّٰتٍ تَجۡرِىۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ ؕ كُلَّمَا
رُزِقُوۡا مِنۡهَا مِنۡ ثَمَرَةٍ رِّزۡقًا ۙ قَالُوۡا هٰذَا الَّذِىۡ رُزِقۡنَا مِنۡ قَبۡلُ
وَاُتُوۡا بِهٖ مُتَشَابِهًا ؕ وَلَهُمۡ فِيۡهَاۤ اَزۡوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ ۙ وَّهُمۡ فِيۡهَا
خٰلِدُوۡنَ ﴿۲۵﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَسۡتَحۡىٖۤ اَنۡ يَّضۡرِبَ مَثَلًا مَّا بَعُوۡضَةً فَمَا
فَوۡقَهَا ؕ فَاَمَّا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا فَيَعۡلَمُوۡنَ اَنَّهُ الۡحَـقُّ مِنۡ رَّبِّهِمۡ ۚ وَاَمَّا
الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا فَيَقُوۡلُوۡنَ مَاذَآ اَرَادَ اللّٰهُ بِهٰذَا مَثَلًا ۘ يُضِلُّ
بِهٖ كَثِيۡرًا وَّيَهۡدِىۡ بِهٖ كَثِيۡرًا ؕ وَمَا يُضِلُّ بِهٖۤ اِلَّا الۡفٰسِقِيۡنَ ۙ ﴿۲۶﴾
الَّذِيۡنَ يَنۡقُضُوۡنَ عَهۡدَ اللّٰهِ مِنۡۢ بَعۡدِ مِيۡثَاقِهٖ ۖ وَيَقۡطَعُوۡنَ
مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖۤ اَنۡ يُّوۡصَلَ وَيُفۡسِدُوۡنَ فِى الۡاَرۡضِ ؕ اُولٰٓئِكَ
هُمُ الۡخٰسِرُوۡنَ ﴿۲۷﴾ كَيۡفَ تَكۡفُرُوۡنَ بِاللّٰهِ وَكُنۡتُمۡ اَمۡوَاتًا
فَاَحۡيَاكُمۡ ۚ ثُمَّ يُمِيۡتُكُمۡ ثُمَّ يُحۡيِيۡكُمۡ ثُمَّ اِلَيۡهِ تُرۡجَعُوۡنَ ﴿۲۸﴾
هُوَ الَّذِىۡ خَلَقَ لَكُمۡ مَّا فِى الۡاَرۡضِ جَمِيۡعًا ۗ ثُمَّ اسۡتَوٰٓى اِلَى
السَّمَآءِ فَسَوّٰٮهُنَّ سَبۡعَ سَمٰوٰتٍ ؕ وَهُوَ بِكُلِّ شَىۡءٍ عَلِيۡمٌ ﴿۲۹﴾ ع

پوءِ جيڪڏهن (ائين) نہ ڪندؤ ۽ ڪري بہ ڪڏهن نہ سگهندؤ تہ اُنهيءَ باهہ کان ڊڄو جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پهڻ آهن۔ اُها نہ مڃيندڙن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي (٢٤). ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي (هيءَ) خوشخبري ڏي تہ اُنهن لاءِ بهشت آهن جن جي هيٺان نهرون پيون وهن۔ جڏهن ڪڏهن ان مان ڪو بہ ميوو کاڄ لاءِ ڏنو پيو ويندن (تنهن مهل) پيا چوندا تہ هيءُ (ميوو) اُهو آهي جو اڳ اسان کي ڏنو ويو هو ۽ اُهو (شڪل ۾) هڪ جهڙو (پيو) ڏبن ۽ انهن لاءِ منجهس پاڪ زالون آهن ۽ اهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن (٢٥). الله مڇر ۽ اُن کان وڌيڪ (هيٺيءَ) جي مثال ڏيڻ کان حياءَ نہ ڪندو آهي پوءِ جن ايمان آندو آهي سي (پڪ) ڄاڻندا آهن تہ اُهو سندن پالڻهار وٽان (آيل) سچ آهي ۽ جن انڪار ڪيو سي چوندا آهن تہ هن مثال ڏيڻ مان الله جو ڇا مطلب آهي؟ (الله) ان سببان گهڻن کي ڀلائيندو آهي ۽ اُن سببان گهڻن کي سڌو رستو ڏيکاريندو آهي ۽ ان سان اهڙن بي دينن کان سواءِ (ٻئي ڪنهين کي) نہ ڀلائيندو آهي (٢٦). جيڪي الله جو انجام اُن جي پڪي ڪرڻ کان پوءِ ڀڃندا آهن ۽ الله جن (ڪمن) جي ڳنڍڻ جو حڪم ڪيو آهي تن کي ڇنندا آهن ۽ ملڪ ۾ فساد وجهندا آهن اُهي ئي گهاٽي وارا آهن (٢٧). اوهين هن هوندي بہ الله کي ڪهڙيءَ طرح نہ ٿا مڃيو، جو بي ساها هيؤ پوءِ اوهان کي جيئرو ڪيائين، وري اوهان کي ماريندو وري اوهان کي جياريندو وري ڏانهس موٽايا ويندؤ (٢٨). اُهو (الله) آهي جنهن توهان (جي فائدي) لاءِ جيڪي (شيون) زمين ۾ آهن سي مڙيئي پيدا ڪيون، وري آسمان ڏانهن متوجہ ٿيو پوءِ انهن کي ست آسمان ڪري برابر بهاريائين، ۽ اُهو (الله) سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي (٢٩).

وَاِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اِنِّیْ جَاعِلٌ فِی الْاَرْضِ خَلِیْفَةً ؕ قَالُوْۤا
اَتَجْعَلُ فِیْهَا مَنْ یُّفْسِدُ فِیْهَا وَیَسْفِكُ الدِّمَآءَ ۚ وَنَحْنُ نُسَبِّحُ
بِحَمْدِكَ وَنُقَدِّسُ لَكَ ؕ قَالَ اِنِّیْۤ اَعْلَمُ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ۝۳۰ وَعَلَّمَ
اٰدَمَ الْاَسْمَآءَ كُلَّهَا ثُمَّ عَرَضَهُمْ عَلَی الْمَلٰٓئِكَةِ فَقَالَ اَنْۢبِـُٔوْنِیْ
بِاَسْمَآءِ هٰۤؤُلَآءِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِیْنَ ۝۳۱ قَالُوْا سُبْحٰنَكَ لَا عِلْمَ لَنَاۤ
اِلَّا مَا عَلَّمْتَنَا ؕ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَلِیْمُ الْحَكِیْمُ ۝۳۲ قَالَ یٰۤاٰدَمُ اَنْۢبِئْهُمْ
بِاَسْمَآئِهِمْ ۚ فَلَمَّاۤ اَنْۢبَاَهُمْ بِاَسْمَآئِهِمْ ۙ قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ اِنِّیْۤ اَعْلَمُ
غَیْبَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۙ وَاَعْلَمُ مَا تُبْدُوْنَ وَمَا كُنْتُمْ تَكْتُمُوْنَ ۝۳۳
وَاِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْۤا اِلَّاۤ اِبْلِیْسَ ؕ اَبٰی وَ
اسْتَكْبَرَ وَكَانَ مِنَ الْكٰفِرِیْنَ ۝۳۴ وَقُلْنَا یٰۤاٰدَمُ اسْكُنْ اَنْتَ
وَزَوْجُكَ الْجَنَّةَ وَكُلَا مِنْهَا رَغَدًا حَیْثُ شِئْتُمَا ۪ وَلَا تَقْرَبَا
هٰذِهِ الشَّجَرَةَ فَتَكُوْنَا مِنَ الظّٰلِمِیْنَ ۝۳۵ فَاَزَلَّهُمَا الشَّیْطٰنُ
عَنْهَا فَاَخْرَجَهُمَا مِمَّا كَانَا فِیْهِ ۪ وَقُلْنَا اهْبِطُوْا بَعْضُكُمْ
لِبَعْضٍ عَدُوٌّ ۚ وَلَكُمْ فِی الْاَرْضِ مُسْتَقَرٌّ وَّمَتَاعٌ اِلٰی حِیْنٍ ۝۳۶ فَتَلَقّٰۤی
اٰدَمُ مِنْ رَّبِّهٖ كَلِمٰتٍ فَتَابَ عَلَیْهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِیْمُ ۝۳۷

۽ (اي پيغمبر!) جڏهن تنهنجي پالڻهار ملائڪن کي چيو ته آءٌ زمين ۾ هڪ نائب مقرر ڪرڻ وارو آهيان. (تڏهن) چيائون ته (تون) منجهس اهڙي کي چو ٿو پيدا ڪرين؟ جو منجهس فساد ڪندو ۽ (ناحق) رت هاريندو، ۽ اسين تنهنجي ساراهه سان (سنديءِ) پاڪائي واکاڻيون ٿا ۽ توکي پاڪ ڪري مڃيون ٿا، فرمايائين ته جيڪي توهان نه ڄاڻندا آهيو سو آءٌ ڄاڻندو آهيان (٣٠). ۽ (الله) آدم کي سڀئي نالا سيکاريا وري اُهي (پڇا لاءِ) ملائڪن جي اڳيان ڪيائين پوءِ فرمايائين ته جيڪڏهن سچا آهيو ته هنن جا نالا ڏسيو (٣١). چيائون ته تون پاڪ آهين جيڪي اسان کي ڄاڻايو اٿئي تنهن کان سواءِ اسان کي (ٻي) ڪا خبر نه آهي ڇو ته تون ئي ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهين (٣٢). (الله) چيو ته اي آدم! انهن جا نالا کين ڏس پوءِ جڏهن کين انهن جا نالا ڏسيائين (تڏهن الله) چيو ته اوهان کي نه چيو هوم ڇا؟ ته آءٌ ئي آسمانن ۽ زمين جو ڳجهه ڄاڻندو آهيان ۽ جيڪي ظاهر ڪريو ٿا ۽ جيڪي لڪايو ٿا سو به ڄاڻندو آهيان (٣٣). ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن ملائڪن کي چيوسون ته آدم کي سجدو ڪريو تڏهن شيطان ڌاران (ٻين) سجدو ڪيو. هن انڪار ڪيو ۽ هٺ ڪيائين ۽ ڪافرن مان ٿيو (٣٤). ۽ چيوسون ته اي آدم! تون ۽ تنهنجي زال بهشت ۾ رهو ۽ جتان وڻيو تتان مزي سان کائو ۽ هن وڻ کي ويجها نه وڃجو نه ته ظالمن مان (شمار) ٿيندؤ (٣٥). پوءِ شيطان اُتاهون اُنهن کي ٿيڙيو پوءِ جنهن (مزي) ۾ هئا تنهن مان کين (ٻاهر) ڪڍيائين ۽ چيوسون ته (بهشت مان) نڪري هيٺ ٿيو اوهين هڪ ٻئي جا ويري آهيو ۽ اوهان لاءِ ڪنهن وقت تائين زمين ۾ رهڻ جو هنڌ ۽ (گذارڻ جو) سامان (تهرايل) آهي (٣٦). پوءِ آدم پنهنجي پالڻهار وٽان ڪي لفظ سکيا پوءِ (الله) مٿس ٻاجهه ڪئي ڇو ته اُهوئي معافي ڏيندڙ مهربان آهي (٣٧).

قُلْنَا اهْبِطُوْا مِنْهَا جَمِيْعًا ۚ فَاِمَّا يَاْتِيَنَّكُمْ مِّنِّیْ هُدًى فَمَنْ تَبِعَ
هُدَایَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۳۸﴾ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ
كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۳۹﴾ ع
يٰبَنِیْٓ اِسْرَآءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِیَ الَّتِیْٓ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَاَوْفُوْا
بِعَهْدِیْٓ اُوْفِ بِعَهْدِكُمْ ۚ وَاِيَّایَ فَارْهَبُوْنِ ﴿۴۰﴾ وَاٰمِنُوْا بِمَآ
اَنْزَلْتُ مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَكُمْ وَلَا تَكُوْنُوْٓا اَوَّلَ كَافِرٍۢ بِهٖ ۠ وَلَا تَشْتَرُوْا
بِاٰيٰتِیْ ثَمَنًا قَلِيْلًا ۫ وَّاِيَّایَ فَاتَّقُوْنِ ﴿۴۱﴾ وَلَا تَلْبِسُوا الْحَقَّ بِالْبَاطِلِ
وَتَكْتُمُوا الْحَقَّ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۴۲﴾ وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ
وَارْكَعُوْا مَعَ الرّٰكِعِيْنَ ﴿۴۳﴾ اَتَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبِرِّ وَتَنْسَوْنَ
اَنْفُسَكُمْ وَاَنْتُمْ تَتْلُوْنَ الْكِتٰبَ ۭ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۴۴﴾ وَاسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ
وَالصَّلٰوةِ ۭ وَاِنَّهَا لَكَبِيْرَةٌ اِلَّا عَلَى الْخٰشِعِيْنَ ﴿۴۵﴾ الَّذِيْنَ يَظُنُّوْنَ
اَنَّهُمْ مُّلٰقُوْا رَبِّهِمْ وَاَنَّهُمْ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ ﴿۴۶﴾ ع يٰبَنِیْٓ اِسْرَآءِيْلَ
اذْكُرُوْا نِعْمَتِیَ الَّتِیْٓ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَاَنِّیْ فَضَّلْتُكُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿۴۷﴾
وَاتَّقُوْا يَوْمًا لَّا تَجْزِیْ نَفْسٌ عَنْ نَّفْسٍ شَيْـًٔا وَّلَا يُقْبَلُ
مِنْهَا شَفَاعَةٌ وَّلَا يُؤْخَذُ مِنْهَا عَدْلٌ وَّلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿۴۸﴾

چيوسون تہ منجهانئس سڀ لهي هيٺ تيو. پوءِ جڏهن مون وٽان اوهان وٽ ڪا هدايت اچي تڏهن جيڪي منهنجيءَ هدايت تي هلندا تن کي ڪو ڀؤ ڪونهي ۽ نڪي اُهي غمگين ٿيندا (٣٨). ۽ جن نہ مڃيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڄاتو سي دوزخي آهن. اُهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن (٣٩). اي اسرائيل جو اولاد! اُهي منهنجا ڳڻ ياد ڪريو جيڪي مون توهان تي ڪيا ۽ منهنجو انجام پاڙيو تہ آءٌ (بہ) اوهان جو انجام پاڙيان ۽ رڳو مون کان ڊپ رکو (٤٠). ۽ (اي بني اسرائيلؤ!) جيڪي اوهان وٽ آهي (يعني توريت) تنهن کي سچو ڪندڙ جيڪو (قرآن محمد ﷺ تي) لاٿم تنهن کي مڃيو ۽ ان جا پهريان منڪر نہ ٿيو ۽ منهنجين آيتن کي (دنيا جي) ٿوري مله سان نہ وڪڻو ۽ رڳو مون کان ڊڄو (٤١). ۽ سچ کي ڪوڙ سان نہ ملايو ۽ نڪي اوهين ڄاڻ هوندي بہ سچ لڪايو (٤٢). ۽ نماز پڙهو ۽ زڪواة ڏيو ۽ رڪوع ڪندڙن سان گڏجي رڪوع ڪريو (٤٣). ماڻهن کي چڱائيءَ جو حڪم ڪريو ٿا؟ ۽ پاڻ کي وساريو ٿا هن هوندي بہ جو توهين ڪتاب پڙهو ٿا پوءِ ڇو نہ ٿا سمجهو؟ (٤٤). ۽ صبر ۽ نماز سان سهارو وٺو ۽ اها اُنهن عاجزي ڪندڙن کان سواءِ ٻين کي ضرور ڏکي (لڳندي) آهي (٤٥). جيڪي پڪ ڀانئيندا آهن تہ اُهي پنهنجي پالڻهار کي ملڻ وارا آهن ۽ اُهي ڏانهنس موٽڻ وارا آهن (٤٦). اي بني اسرائيلؤ! اُهي منهنجا ڳڻ ياد ڪريو جيڪي مون اوهان تي ڪيا ۽ مون اوهان کي جهان (وارن) تي سڳورو ڪيو (٤٧). ۽ اُنهيءَ ڏينهن کان ڊڄو جنهن ۾ ڪو (بہ) ڪنهين کان ڪجه بہ ٽاري نہ سگهندو ۽ نڪي کانئس ڪا پارت قبول ڪبي ۽ نڪي کانئس ڪو عيوض وٺبو ۽ نڪي کين مدد ڏبي (٤٨).

وَاِذْ نَجَّيْنٰكُمْ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ
يُذَبِّحُوْنَ اَبْنَآءَكُمْ وَيَسْتَحْيُوْنَ نِسَآءَكُمْ ؕ وَفِيْ ذٰلِكُمْ بَلَآءٌ مِّنْ
رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ ﴿۴۹﴾ وَاِذْ فَرَقْنَا بِكُمُ الْبَحْرَ فَاَنْجَيْنٰكُمْ وَاَغْرَقْنَآ اٰلَ
فِرْعَوْنَ وَاَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ﴿۵۰﴾ وَاِذْ وٰعَدْنَا مُوْسٰٓى اَرْبَعِيْنَ لَيْلَةً
ثُمَّ اتَّخَذْتُمُ الْعِجْلَ مِنْۢ بَعْدِهٖ وَاَنْتُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿۵۱﴾ ثُمَّ عَفَوْنَا
عَنْكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۵۲﴾ وَاِذْ اٰتَيْنَا مُوْسَى
الْكِتٰبَ وَالْفُرْقَانَ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿۵۳﴾ وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ
يٰقَوْمِ اِنَّكُمْ ظَلَمْتُمْ اَنْفُسَكُمْ بِاتِّخَاذِكُمُ الْعِجْلَ فَتُوْبُوْٓا
اِلٰى بَارِئِكُمْ فَاقْتُلُوْٓا اَنْفُسَكُمْ ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ عِنْدَ
بَارِئِكُمْ ؕ فَتَابَ عَلَيْكُمْ ؕ اِنَّهٗ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿۵۴﴾ وَاِذْ
قُلْتُمْ يٰمُوْسٰى لَنْ نُّؤْمِنَ لَكَ حَتّٰى نَرَى اللّٰهَ جَهْرَةً فَاَخَذَتْكُمُ
الصّٰعِقَةُ وَاَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ﴿۵۵﴾ ثُمَّ بَعَثْنٰكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَوْتِكُمْ
لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۵۶﴾ وَظَلَّلْنَا عَلَيْكُمُ الْغَمَامَ وَاَنْزَلْنَا
عَلَيْكُمُ الْمَنَّ وَالسَّلْوٰى ؕ كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ ؕ
وَمَا ظَلَمُوْنَا وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿۵۷﴾

۽ (هي ڳڻ بہ ياد ڪريو تہ) جڏهن اوهان کي فرعون جي ماڻهن کان ڇڏايوسون- جي اوهان کي ڏاڍو ايذاءُ چکائيندا هئا جو اوهان جا پٽ ڪهندا هئا ۽ اوهان جون ڌيئرون جيئريون ڇڏيندا هئا ۽ اُن ۾ اوهان جي پالڻهار کان اوهان لاءِ وڏي پرک هئي (۴۹) . ۽ (ياد ڪريو تہ) جڏهن اوهان لاءِ سمنڊ کي چيريوسون پوءِ اوهان کي (ٻڏڻ کان) بچايوسون ۽ فرعون جي ماڻهن کي ٻوڙيوسون ۽ اوهين ڏسندا رهيؤ (۵۰) . ۽ (ياد ڪريو) جڏهن موسيٰ کي چاليهن راتين جو انجام ڏنوسون وري اُن (جي وڃڻ) کان پوءِ گابي کي (خدا ڪري) ورتوَ ۽ اوهين ظلم ڪندڙ هيؤ (۵۱) . وري ان کان پوءِ اوهان کي معاف ڪيوسون تہ مانَ اوهين شڪرانو ڪريو (۵۲) . ۽ (ياد ڪريو تہ) جڏهن موسيٰ کي ڪتاب ۽ (سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾) سنڌو وجهندڙ ڏنوسين تہ مانَ اوهين هدايت وارا ٿيو (۵۳) . ۽ (ياد ڪريو تہ) جڏهن موسيٰ پنهنجيءَ قوم کي چيو تہ اي منهنجي قوم! اوهان گابي کي خدا ڪري وٺڻ سببان پاڻ تي ظلم ڪيو آهي تنهن ڪري پنهنجي پيدا ڪندڙ ڏانهن موٽو ۽ پاڻ کي ڪهو اِهو اوهان لاءِ توهان جي پيدا ڪندڙ وٽ چڱو آهي- پوءِ اوهان تي ٻاجھ ڪيائين ڇو تہ اُهوئي معافي ڏيندڙ مهربان آهي (۵۴) . ۽ (ياد ڪريو تہ) جڏهن اوهان چيو تہ اي موسيٰ! جيستائين الله ڇٽو (نہ) ڏسنداسون تيستائين توکي ڪڏهن بہ نہ مڃينداسون پوءِ اوهان تي وڄ اچي ڪڙڪي ۽ اوهين ڏسندا رهيؤ (۵۵) . وري اوهان جي مرڻ کان پوءِ اوهانکي جيئرو ڪيوسون تہ مانَ اوهين شڪرانو ڪريو (۵٦) . ۽ اوهان تي ڪڪر جي ڇانو ڪئي سون ۽ اوهان تي شَڪر ۽ ٻٽيرا لاٿاسون تہ جيڪي اوهان کي سٺين شين مان رزق ڏنوسون سو کائو ۽ اسان تي (ڪو بہ) ظلم نہ ڪيائون پر پاڻ تي ظلم ڪندا هئا (۵۷) .

وَاِذْ قُلْنَا ادْخُلُوْا هٰذِهِ الْقَرْيَةَ فَكُلُوْا مِنْهَا حَيْثُ شِئْتُمْ
رَغَدًا وَّادْخُلُوا الْبَابَ سُجَّدًا وَّقُوْلُوْا حِطَّةٌ نَّغْفِرْ لَكُمْ
خَطٰيٰكُمْ ؕ وَسَنَزِيْدُ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۵۸﴾ فَبَدَّلَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا قَوْلًا
غَيْرَ الَّذِىْ قِيْلَ لَهُمْ فَاَنْزَلْنَا عَلَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا رِجْزًا
مِّنَ السَّمَآءِ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿۵۹﴾ ع وَاِذِ اسْتَسْقٰى مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ
فَقُلْنَا اضْرِبْ بِّعَصَاكَ الْحَجَرَ ؕ فَانْفَجَرَتْ مِنْهُ اثْنَتَا عَشْرَةَ
عَيْنًا ؕ قَدْ عَلِمَ كُلُّ اُنَاسٍ مَّشْرَبَهُمْ ؕ كُلُوْا وَاشْرَبُوْا مِنْ رِّزْقِ
اللّٰهِ وَلَا تَعْثَوْا فِى الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ﴿۶۰﴾ وَاِذْ قُلْتُمْ يٰمُوْسٰى
لَنْ نَّصْبِرَ عَلٰى طَعَامٍ وَّاحِدٍ فَادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُخْرِجْ لَنَا مِمَّا
تُنْۢبِتُ الْاَرْضُ مِنْۢ بَقْلِهَا وَقِثَّآئِهَا وَفُوْمِهَا وَعَدَسِهَا وَ
بَصَلِهَا ؕ قَالَ اَتَسْتَبْدِلُوْنَ الَّذِىْ هُوَ اَدْنٰى بِالَّذِىْ هُوَ
خَيْرٌ ؕ اِهْبِطُوْا مِصْرًا فَاِنَّ لَكُمْ مَّا سَاَلْتُمْ ؕ وَضُرِبَتْ عَلَيْهِمُ
الذِّلَّةُ وَالْمَسْكَنَةُ وَبَآءُوْ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ
كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَيَقْتُلُوْنَ النَّبِيّٖنَ
بِغَيْرِ الْحَقِّ ؕ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّكَانُوْا يَعْتَدُوْنَ ﴿۶۱﴾ ع

۽ جڏھن چيو سون تہ ھن ڳوٺ ۾ گھڙو پوءِ منجھانئس جتان وڻيوَ تتان مزي سان کائو ۽ دروازي کان (سجدي وانگر) نوڙي لنگھو ۽ چئو تہ اسان جا ڏوھ بخش! تہ اوھان جون مدايون اوھان کي بخشيون ۽ چڱائي ڪندڙن کي سگھو وڌائينداسون (٥٨). پوءِ (انھن) ظالمن جيڪي کين چيو ويو ھو تنھن کي مٽائي ٻيو چوڻ چيو پوءِ (انھن) ظالمن تي سندن بڇڙي ھجڻ سببان آسمان کان عذاب لاٿوسون (٥٩). ۽ (ياد ڪريو تہ) جڏھن موسىٰ پنھنجي قوم لاءِ پاڻي گھريو تڏھن چيوسون تہ پنھنجي لٺ پھڻ کي ھڻ پوءِ منجھانئس ٻارھن چشما ڦاٽي نڪتا سڀ ڪنھن ماڻھو ٻي شڪ پنھنجو تڙ سڃاتو (چيوسون تہ) الله جي رزق مان کائو ۽ پيئو ۽ زمين ۾ فسادي ٿي بگيڙ نہ وجھو (٦٠). ۽ جڏھن چيوَ تہ اي موسىٰ! ھڪ طعام تي ڪڏھن نہ صبر ڪنداسون تنھن ڪري پنھنجي پالڻھار کان اسان لاءِ (دعا) گھر تہ زمين جيڪو پنھنجي سبزي ۽ پنھنجيون ونگيون ۽ پنھنجي ٿوم ۽ پنھنجي مَھُري (دال) ۽ پنھنجا بصر ڄمائيندي آھي سي اسان لاءِ پيدا ڪري. چيائين تہ جيڪي (شيون) چڱيون آھن سي سادين سان ڇو ٿا مٽايو؟ (جي نہ ٿا رھو تہ) ڪنھن شھر ۾ لھي وڃو پوءِ جيڪي گھرو ٿا سو سڀ اوھان لاءِ (اُتي موجود) آھي. ۽ خواري ۽ محتاجي مٿن ھنئي ويئي ۽ الله جي ڏمر ھيٺ وريا. اھو ھن ڪري آھي جو اُنھن الله جي حڪمن کي نہ ٿي مڃيو ۽ پيغمبرن کي ناحق ٿي ڪُنائون، اھو ڪم بي فرمانيءَ سببان ٿي ڪيائون ۽ حد کان لنگھندڙ ھئا (٦١).

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَالَّذِيْنَ هَادُوْا وَالنَّصٰرٰى وَالصّٰبِـِٕيْنَ
مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَعَمِلَ صَالِحًا فَلَهُمْ اَجْرُهُمْ
عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٦٢﴾ وَاِذْ اَخَذْنَا
مِيْثَاقَكُمْ وَرَفَعْنَا فَوْقَكُمُ الطُّوْرَ ؕ خُذُوْا مَآ اٰتَيْنٰكُمْ بِقُوَّةٍ وَّ
اذْكُرُوْا مَا فِيْهِ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿٦٣﴾ ثُمَّ تَوَلَّيْتُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ ۚ
فَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهٗ لَكُنْتُمْ مِّنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٦٤﴾
وَلَقَدْ عَلِمْتُمُ الَّذِيْنَ اعْتَدَوْا مِنْكُمْ فِى السَّبْتِ فَقُلْنَا لَهُمْ
كُوْنُوْا قِرَدَةً خٰسِـِٕيْنَ ﴿٦٥﴾ فَجَعَلْنٰهَا نَكَالًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهَا
وَمَا خَلْفَهَا وَمَوْعِظَةً لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٦٦﴾ وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖٓ
اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُكُمْ اَنْ تَذْبَحُوْا بَقَرَةً ؕ قَالُوْٓا اَتَتَّخِذُنَا هُزُوًا ؕ
قَالَ اَعُوْذُ بِاللّٰهِ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْجٰهِلِيْنَ ﴿٦٧﴾ قَالُوا ادْعُ لَنَا
رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا هِىَ ؕ قَالَ اِنَّهٗ يَقُوْلُ اِنَّهَا بَقَرَةٌ لَّا
فَارِضٌ وَّلَا بِكْرٌ ؕ عَوَانٌۢ بَيْنَ ذٰلِكَ ؕ فَافْعَلُوْا مَا تُؤْمَرُوْنَ ﴿٦٨﴾
قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا لَوْنُهَا ؕ قَالَ اِنَّهٗ يَقُوْلُ
اِنَّهَا بَقَرَةٌ صَفْرَآءُ ۙ فَاقِعٌ لَّوْنُهَا تَسُرُّ النّٰظِرِيْنَ ﴿٦٩﴾

بيشڪ مؤمنن ۽ يهودين ۽ نصارن ۽ صابئين (بي دينن) منجهان جن الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ سندن پالڻهار وٽ سندن اجر آهي ۽ ڪين نڪو ڀؤ آهي ۽ نڪي اُهي غمگين ٿيندا (٦٢). ۽ جڏهن اوهان کان انجام ورتو سون ۽ اوهان جي مٿان (جبل) طور کي کڙو ڪيوسون (تڏهن چيو سون ته) جيڪو (توريت) اوهان کي ڏنو سون سو سوگهو ڪري وٺو ۽ جيڪي منجهس آهي سو ياد ڪريو ماڻ اوهين ڊڄو (٦٣). وري اُن کان پوءِ اوهين ڦريؤ پوءِ جيڪڏهن اوهان تي الله جو فضل ۽ سندس ٻاجه نه ٿئي ها ته اوهين ضرور نقصان وارن مان ٿيو ها (٦٤). ۽ اُنهن کي بيشڪ ڄاتو اٿو، جي اوهان مان ڇنڇر بابت حد کان لنگهيا پوءِ کين چيوسون ته خسيس ڀولڙا ٿي پئو (٦٥). پوءِ اُن (قصي) کي اُن ڳوٺ جي آسپاس وارن ۽ اُنهن جي پوين لاءِ عبرت ۽ خدا ترسن لاءِ نصيحت ڪئي سون (٦٦). ۽ جڏهن موسيٰ پنهنجيءَ قوم کي چيو ته الله اوهان کي ڳئون ڪهڻ جو حڪم ڪري ٿو(تڏهن) چيائون ته تون اسان سان ٺـوڪ ڪرڻ لڳين ٿو ڇا؟ (موسيٰ) چيو ته آءٌ الله کان جاهلن مان هجڻ جي پناه گهران ٿو (٦٧). چيائون ته اسان لاءِ پنهنجي پالڻهار کان دعا گهر ته اسان لاءِ چٽائي ڪري ته اُها (ڳئون) ڪهڙي (قسم جي) آهي؟ (موسيٰ) چيو ته الله چوي ٿو ته اُها ڳئون نه ڪراڙي ۽ نه (ننڍي) گابي آهي اِنهيءَ وچ ۾ وچٿري آهي پوءِ جيڪي اوهان کي حڪم ڏنو ويو سو ڪريو (٦٨). چيائون ته پنهنجي پالڻهار کان اسان لاءِ دعا گهر ته اسان لاءِ چٽائي ڪري ته ان جو رنگ ڪهڙو آهي؟ (موسيٰ) چيو ته الله چوي ٿو ته اها ڳئون هيڊي ڪڪڙي آهي، سندس رنگ ڳوڙهو هيڊو آهي، ڏسندڙن کي پئي وڻندي آهي (٦٩).

قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا هِيَ ۙ اِنَّ الْبَقَرَ تَشٰبَهَ عَلَيْنَا ؕ
وَاِنَّآ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ لَمُهْتَدُوْنَ ﴿٧٠﴾ قَالَ اِنَّهٗ يَقُوْلُ اِنَّهَا بَقَرَةٌ لَّا
ذَلُوْلٌ تُثِيْرُ الْاَرْضَ وَلَا تَسْقِي الْحَرْثَ ۚ مُسَلَّمَةٌ لَّا شِيَةَ فِيْهَا ؕ
قَالُوا الْـٰٔنَ جِئْتَ بِالْحَقِّ ؕ فَذَبَحُوْهَا وَمَا كَادُوْا يَفْعَلُوْنَ ﴿٧١﴾ وَ
اِذْ قَتَلْتُمْ نَفْسًا فَادّٰرَءْتُمْ فِيْهَا ؕ وَاللّٰهُ مُخْرِجٌ مَّا كُنْتُمْ
تَكْتُمُوْنَ ﴿٧٢﴾ فَقُلْنَا اضْرِبُوْهُ بِبَعْضِهَا ؕ كَذٰلِكَ يُحْيِ اللّٰهُ الْمَوْتٰى
وَيُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿٧٣﴾ ثُمَّ قَسَتْ قُلُوْبُكُمْ مِّنْ
بَعْدِ ذٰلِكَ فَهِيَ كَالْحِجَارَةِ اَوْ اَشَدُّ قَسْوَةً ؕ وَاِنَّ مِنَ الْحِجَارَةِ
لَمَا يَتَفَجَّرُ مِنْهُ الْاَنْهٰرُ ؕ وَاِنَّ مِنْهَا لَمَا يَشَّقَّقُ فَيَخْرُجُ مِنْهُ
الْمَآءُ ؕ وَاِنَّ مِنْهَا لَمَا يَهْبِطُ مِنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ ؕ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ
عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٧٤﴾ اَفَتَطْمَعُوْنَ اَنْ يُّؤْمِنُوْا لَكُمْ وَقَدْ كَانَ
فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ يَسْمَعُوْنَ كَلٰمَ اللّٰهِ ثُمَّ يُحَرِّفُوْنَهٗ مِنْۢ بَعْدِ
مَا عَقَلُوْهُ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿٧٥﴾ وَاِذَا لَقُوا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قَالُوْٓا
اٰمَنَّا ۚۖ وَاِذَا خَلَا بَعْضُهُمْ اِلٰى بَعْضٍ قَالُوْٓا اَتُحَدِّثُوْنَهُمْ بِمَا
فَتَحَ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ لِيُحَآجُّوْكُمْ بِهٖ عِنْدَ رَبِّكُمْ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿٧٦﴾

چيائون تہ پنهنجي پالڻهار کان اسان لاءِ دعا گهر تہ اسان لاءِ وضاحت ڪري تہ اها (ڳئون) ڪهڙي (پارين) آهي؟ چو تہ ڳئون اسان وٽ (پاڻ جهڙين ۾) وچڙيل آهي ۽ جيڪڏهن الله گهريو تہ اسين ضرور لهنداسون (٧٠) (موسىٰ) چيو تہ الله چوي ٿو تہ اُها اهڙي ڳئون آهي، (جو) نڪي وهو آهي جو زمين کيڙي، ۽ نڪي پوک پياري، بي عيب آهي، منجهس ڪو ڏيک ڪونهي. چيائون تہ هاڻي تو پورو پار آندو. پوءِ اُن کي ڪٺائون ۽ (انهيءَ ڪم) ڪرڻ تي نہ هئا (٧١). ۽ جڏهن هڪ شخص کي ڪٺوَ، تڏهن ان (جي مارينڊڙ) بابت تڪرار ڪيوَ ۽ جيڪي لڪائيندا آهيو سو الله پڌرو ڪندڙ آهي (٧٢). پوءِ چيوسون تہ سندس (گوشت جو) ڪجهہ ڀاڱو ان (مئل) کي هڻو. اهڙي طرح الله مئلن کي جيارينڊو آهي ۽ اوهان کي پنهنجيون نشانيون ڏيکارينڊو آهي تہ مانَ اوهين سمجهو (٧٣). وري هن کان پوءِ اوهان جون دليون سخت ٿيون پوءِ پٿر وانگر بلڪ وڌيڪ سخت ٿيون ۽ پٿرن مان ڪي اهڙا (بہ) آهن جو منجهائن واهيون ڦاٽي نڪرنديون آهن ۽ منجهائن ڪو ڦاٽندو آهي پوءِ منجهانئس پاڻي نڪرندو آهي ۽ انهن مان ڪو الله جي ڀؤ کان ڪري پوندو آهي ۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن کان الله بي خبر نہ آهي (٧٤). (اي مسلمانو! اوهين يهودين ۾) پاڻ لاءِ فرمانبردار هجڻ جو هن هوندي بہ اجا آسرو رکو ٿا ڇا؟ جو بيشڪ منجهانئن هڪ ٽولو اهڙو آهي جو الله جو ڪلام ٻڌندا آهن وري اُن جي سمجهڻ کان پوءِ اُهي ڄاڻ هوندي بہ اُن کي مٽائيندا آهن (٧٥). ۽ جڏهن مؤمنن کي ملندا آهن تڏهن چوندا آهن تہ ايمان آندوسون ۽ جڏهن هڪ ٻئي سان اڪيلو ملندا آهن (تڏهن پاڻ ۾) چوندا آهن تہ جيڪي الله اوهان تي کوليو آهي تنهن جي ڳالهہ ساڻن ڇو ڪندا آهيو؟ تہ ان سببان اوهان جي پالڻهار وٽ اوهان تي حجت وٺندا رهن اوهين ڇو نہ سمجهندا آهيو؟ (٧٦).

اَوَلَا يَعۡلَمُوۡنَ اَنَّ اللّٰهَ يَعۡلَمُ مَا يُسِرُّوۡنَ وَمَا يُعۡلِنُوۡنَ ﴿۷۷﴾ وَ
مِنۡهُمۡ اُمِّيُّوۡنَ لَا يَعۡلَمُوۡنَ الۡكِتٰبَ اِلَّاۤ اَمَانِىَّ وَاِنۡ هُمۡ اِلَّا
يَظُنُّوۡنَ ﴿۷۸﴾ فَوَيۡلٌ لِّلَّذِيۡنَ يَكۡتُبُوۡنَ الۡكِتٰبَ بِاَيۡدِيۡهِمۡ ثُمَّ
يَقُوۡلُوۡنَ هٰذَا مِنۡ عِنۡدِ اللّٰهِ لِيَشۡتَرُوۡا بِهٖ ثَمَنًا قَلِيۡلًا ؕ فَوَيۡلٌ
لَّهُمۡ مِّمَّا كَتَبَتۡ اَيۡدِيۡهِمۡ وَوَيۡلٌ لَّهُمۡ مِّمَّا يَكۡسِبُوۡنَ ﴿۷۹﴾ وَقَالُوۡا
لَنۡ تَمَسَّنَا النَّارُ اِلَّاۤ اَيَّامًا مَّعۡدُوۡدَةً ؕ قُلۡ اَتَّخَذۡتُمۡ عِنۡدَ
اللّٰهِ عَهۡدًا فَلَنۡ يُّخۡلِفَ اللّٰهُ عَهۡدَهٗۤ اَمۡ تَقُوۡلُوۡنَ عَلَى اللّٰهِ مَا
لَا تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۸۰﴾ بَلٰى مَنۡ كَسَبَ سَيِّئَةً وَّاَحَاطَتۡ بِهٖ خَطِيۡٓـئَتُهٗ
فَاُولٰٓـئِكَ اَصۡحٰبُ النَّارِ ۚ هُمۡ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿۸۱﴾ وَالَّذِيۡنَ
اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اُولٰٓـئِكَ اَصۡحٰبُ الۡجَـنَّةِ ۚ هُمۡ
فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿۸۲﴾ ع وَاِذۡ اَخَذۡنَا مِيۡثَاقَ بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ
لَا تَعۡبُدُوۡنَ اِلَّا اللّٰهَ وَبِالۡوَالِدَيۡنِ اِحۡسَانًا وَّذِى
الۡقُرۡبٰى وَالۡيَتٰمٰى وَالۡمَسٰكِيۡنِ وَقُوۡلُوۡا لِلنَّاسِ
حُسۡنًا وَّاَقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ ؕ ثُمَّ
تَوَلَّيۡتُمۡ اِلَّا قَلِيۡلًا مِّنۡكُمۡ وَاَنۡتُمۡ مُّعۡرِضُوۡنَ ﴿۸۳﴾

نہ ڄاڻندا آهن ڇا؟ تہ جيڪي لڪائيندا آهن ۽ جيڪي ظاهر ڪندا آهن سو الله ڄاڻندو آهي (٧٧). ۽ منجھانئن ڪي اڻ پڙهيا آهن جي ڪوڙن خيالن کان سواءِ ڪتاب کي ڪجھ نہ ڄاڻندا آهن ۽ اُهي رڳو گمان ڪندا آهن (٧٨). پوءِ اُنهن لاءِ ويل آهي جيڪي پنهنجو هٿراڌو ڪتاب لکندا آهن۔ وري (ماڻهن کي) چوندا آهن تہ هيءَ الله وٽان (آيو) آهي تہ جيئن اُن سان (دنيا جو) ٿورو ملھ وٺن. پوءِ جيڪي سندن هٿن لکيو تنهن سببان انهن لاءِ ويل آهي ۽ جيڪي ڪمائيندا آهن تنهن سببان (پڻ) اُنهن لاءِ ويل آهي (٧٩). ۽ چون ٿا تہ باھ، چند ڏينهن کان سواءِ اسان کي ڪڏهن نہ ڇهندي (اي پيغمبر کين) چؤ تہ الله وٽان اهڙو انجام ورتو اٿوَ ڇا؟ تہ الله پنهنجي انجام کي ڪڏهن نہ ڦيريندو يا الله تي اڻ ڄاتو (ڪوڙ) ڳالهائي رهيا آهيو (٨٠). هائو، جن برائي ڪمائي ۽ سندن بڇڙائي کين ويڙهي ويئي سي دوزخي آهن۔ اُهي منجھس سدائين رهڻ وارا آهن (٨١). ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا سي بهشتي آهن اُهي منجھس سدائين رهڻ وارا آهن (٨٢). ۽ جڏهن بني اسرائيلن کان انجام ورتوسون تہ الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي عبادت نہ ڪريو ۽ ماءُ پيءُ ۽ مٽن ۽ ڇورن (ٻارن) ۽ مسڪينن سان چڱائي ڪريو ۽ ماڻهن سان مِٺو ڳالهايو ۽ نماز پڙهو ۽ زڪواة ڏيو. وري اوهان منجهان ٿورن کان سواءِ (سڀ) ڦري ويؤ ۽ اوهين منهن موڙيندڙ هيؤ (٨٣).

وَاِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَكُمْ لَا تَسْفِكُوْنَ دِمَآءَكُمْ وَلَا تُخْرِجُوْنَ
اَنْفُسَكُمْ مِّنْ دِيَارِكُمْ ثُمَّ اَقْرَرْتُمْ وَاَنْتُمْ تَشْهَدُوْنَ ﴿٨٤﴾
ثُمَّ اَنْتُمْ هٰٓؤُلَآءِ تَقْتُلُوْنَ اَنْفُسَكُمْ وَتُخْرِجُوْنَ فَرِيْقًا مِّنْكُمْ
مِّنْ دِيَارِهِمْ ز تَظٰهَرُوْنَ عَلَيْهِمْ بِالْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ ط وَاِنْ
يَّاْتُوْكُمْ اُسٰرٰى تُفٰدُوْهُمْ وَهُوَ مُحَرَّمٌ عَلَيْكُمْ اِخْرَاجُهُمْ ط
اَفَتُؤْمِنُوْنَ بِبَعْضِ الْكِتٰبِ وَتَكْفُرُوْنَ بِبَعْضٍ ج فَمَا جَزَآءُ
مَنْ يَّفْعَلُ ذٰلِكَ مِنْكُمْ اِلَّا خِزْيٌ فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ج وَيَوْمَ
الْقِيٰمَةِ يُرَدُّوْنَ اِلٰٓى اَشَدِّ الْعَذَابِ ط وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا
تَعْمَلُوْنَ ﴿٨٥﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا بِالْاٰخِرَةِ ز
فَلَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ الْعَذَابُ وَلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿٨٦﴾ ع وَ
لَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ وَقَفَّيْنَا مِنْۢ بَعْدِهٖ بِالرُّسُلِ ز
وَاٰتَيْنَا عِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ الْبَيِّنٰتِ وَاَيَّدْنٰهُ بِرُوْحِ الْقُدُسِ ط
اَفَكُلَّمَا جَآءَكُمْ رَسُوْلٌۢ بِمَا لَا تَهْوٰٓى اَنْفُسُكُمُ اسْتَكْبَرْتُمْ ج
فَفَرِيْقًا كَذَّبْتُمْ ز وَفَرِيْقًا تَقْتُلُوْنَ ﴿٨٧﴾ وَقَالُوْا قُلُوْبُنَا غُلْفٌ ط
بَلْ لَّعَنَهُمُ اللّٰهُ بِكُفْرِهِمْ فَقَلِيْلًا مَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٨٨﴾

۽ جڏهن اوهان کان انجام ورتوسون تہ پنهنجا خون نہ ڪندؤ ۽ نڪي پنهنجيءَ قوم کي پنهنجن ديسن مان لڏائيندؤ پوءِ اقرار ڪيوَ ۽ (انجا) اوهين گواه آهيو (٨۴). (تنهن کان) پوءِ اوهين اهڙا ٿيا آهيو جو پنهنجيءَ قوم کي ڪهو ٿا ۽ پنهنجن مان هڪ ٽوليءَ تي ايذاءَ ۽ ڏاڍ ڪرڻ لاءِ (پاڻ ۾) هڪ ٻئي کي مدد ڏيئي کين سندن ديس مان لڏايو ٿا ۽ جيڪڏهن (ڪي) قيدي ٿي اوهان وٽ ايندا آهن تہ سندن ڇٽي ڀري کين ڇڏائيندا آهيوحالانڪ اُهو سندن لوڏڻ اوهان تي حرام ٿيل آهي پوءِ ڇا لاءِ ڪي (حڪم) ڪتاب (توريت) جا مڃيندا آهيو ۽ ڪي نہ مڃيندا آهيو پوءِ اوهان مان جيڪو اهڙو ڪم ڪري تنهن جي سزا دنيا جي حياتيءَ ۾ خواريءَ کان سواءِ ڪانہ آهي ۽ قيامت جي ڏينهن سخت عذاب ڏانهن ورايا ويندا ۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن کان الله بي خبر نہ آهي (٨٥). اهي اُهي آهن جن آخرت جي بدران دنيا جي حياتي خريد ڪئي پوءِ کانئن عذاب هلڪو نہ ڪيو ويندو ۽ نڪي کين مدد ڏبي (٨٦). ۽ بي شڪ موسيٰ کي ڪتاب (توريت) ڏنوسون ۽ کانئس پوءِ (ٻيا) پيغمبر هڪ ٻئي پٺيان موڪلياسون ۽ عيسيٰ پٽ مريم جي کي چٽا معجزا ڏناسون ۽ کيس پاڪ روح سان مدد ڏني سون- پوءِ جڏهن بہ ڪنهن پيغمبر اوهان وٽ اُهي حڪم آندا ٿي، جن کي اوهان جي دلين نہ ٿي گهريو تڏهن اوهان (ان جي مڃڻ کان ڇو) وڏائي ڪئي؟ پوءِ (پيغمبرن جي) هڪ ٽوليءَ کي ڪوڙو ڄاتوَ ۽ ٻيءَ کي ڪُهوَ (٨٧). ۽ چون ٿا تہ اسان جون دليون ڍڪيل آهن (نہ،) بلڪ الله سندن ڪفر سببان مٿن لعنت ڪئي آهي پوءِ ٿورڙا ايمان آڻيندا (٨٨).

وَلَمَّا جَآءَهُمْ كِتٰبٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ مُصَدِّقٌ لِّمَا مَعَهُمْ ۙ
وَكَانُوْا مِنْ قَبْلُ يَسْتَفْتِحُوْنَ عَلَى الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۚ فَلَمَّا
جَآءَهُمْ مَّا عَرَفُوْا كَفَرُوْا بِهٖ ۫ فَلَعْنَةُ اللّٰهِ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٨٩﴾
بِئْسَمَا اشْتَرَوْا بِهٖٓ اَنْفُسَهُمْ اَنْ يَّكْفُرُوْا بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ بَغْيًا
اَنْ يُّنَزِّلَ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ۚ
فَبَآءُوْ بِغَضَبٍ عَلٰى غَضَبٍ ؕ وَلِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ
مُّهِيْنٌ ﴿٩٠﴾ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ اٰمِنُوْا بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ قَالُوْا
نُؤْمِنُ بِمَآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا وَيَكْفُرُوْنَ بِمَا وَرَآءَهٗ ۗ وَهُوَ
الْحَقُّ مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَهُمْ ؕ قُلْ فَلِمَ تَقْتُلُوْنَ اَنْۢبِيَآءَ
اللّٰهِ مِنْ قَبْلُ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٩١﴾ وَلَقَدْ جَآءَكُمْ
مُّوْسٰى بِالْبَيِّنٰتِ ثُمَّ اتَّخَذْتُمُ الْعِجْلَ مِنْۢ بَعْدِهٖ وَاَنْتُمْ
ظٰلِمُوْنَ ﴿٩٢﴾ وَاِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَكُمْ وَرَفَعْنَا فَوْقَكُمُ
الطُّوْرَ ؕ خُذُوْا مَآ اٰتَيْنٰكُمْ بِقُوَّةٍ وَّاسْمَعُوْا ؕ قَالُوْا سَمِعْنَا
وَعَصَيْنَا ۗ وَاُشْرِبُوْا فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْعِجْلَ بِكُفْرِهِمْ ؕ
قُلْ بِئْسَمَا يَاْمُرُكُمْ بِهٖٓ اِيْمَانُكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٩٣﴾

۽ جڏهن الله وٽان ڪتاب (قرآن) اُنهيءَ (توريت) جو سچو ڪندڙ آين، جيڪو وٽن آهي ۽ (حقيقت ڪري قرآن جي لهڻ کان) اڳ ڪافرن تي سوڀ (ٿيڻ جون دعائون) گهرندا هئا- پوءِ جڏهن وٽن اهو آيو جنهن کي سڃاتائون تي تڏهن اُن جو انڪار ڪيائون پوءِ ڪافرن تي الله جي لعنت آهي (٨٩) . اُهو بڇڙو (سودو) آهي جنهن ۾ پاڻ ڏيئي، جيڪي الله (محمد ﷺ تي) لاٿو آهي تنهن جو نہ مڃڻ، هن (ڳالھ) جي ساڙ ڪري ورتائون تہ الله پنهنجن ٻانهن مان جنهن تي گهرندو آهي تنهن تي پنهنجيءَ ٻاجھ سان (ڪتاب ڇو) لاهيندو آهي. پوءِ (الله جي) ڏمر تي ڏمر هيٺ وريا ۽ ڪافرن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي (٩٠) . ۽ جڏهن کين چئبو آهي تہ جيڪو (قرآن) الله لاٿو تنهن کي مڃيو تڏهن چون ٿا تہ جيڪو (توريت) اسان تي لٿل آهي تنهن کي مڃيندا آهيون ۽ جيڪي ان کان سواءِ آهي تنهن کي نہ مڃيندا آهن ۽ (حقيقت ڪري) اُهو (قرآن) سچو آهي، جيڪو (توريت) وٽن آهي تنهن جو سچو ڪندڙ (بہ) آهي، (اي پيغمبر! کين) چؤ تہ جيڪڏهن (توريت جا) مڃيندڙ آهيو تہ الله جي پيغمبرن کي اڳ ڇو ڪُٺوَ؟ (٩١) . ۽ بيشڪ موسيٰ اوهان وٽ چِٽا معجزا آندا وري ڪائنس پوءِ ڳابي کي (خدا ڪري) ورتوَ ۽ (ائين ڪرڻ سان) اوهين (پاڻ تي) ظلم ڪندڙ آهيو (٩٢) . ۽ جڏهن اوهان کان انجام ورتوسون ۽ اوهان جي مٿان طور (جبل) ڪڙو ڪيوسون (چيوسون تہ) جيڪو اوهان کي (توريت) ڏنوسين، سو سوگهو وٺو ۽ ٻڌو، تڏهن چيائون تہ ٻڌوسون ۽ نہ مڃيوسون ۽ اُنهن جي دلين ۾ سندن ڪفر سببان ڳابي جي پريت وڌي ويئي- (اي پيغمبر! کين) چؤ تہ اوهان جو ايمان اوهان کي جنهن شيءِ جو حڪم ڪندو آهي سا بڇڙي آهي، جيڪڏهن اوهين (توريت جا) مڃيندڙ آهيو (٩٣).

قُلْ اِنْ كَانَتْ لَكُمُ الدَّارُ الْاٰخِرَةُ عِنْدَ اللّٰهِ خَالِصَةً مِّنْ
دُوْنِ النَّاسِ فَتَمَنَّوُا الْمَوْتَ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِیْنَ ۝۹۴ وَ
لَنْ یَّتَمَنَّوْهُ اَبَدًۢا بِمَا قَدَّمَتْ اَیْدِیْهِمْ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِیْمٌۢ
بِالظّٰلِمِیْنَ ۝۹۵ وَ لَتَجِدَنَّهُمْ اَحْرَصَ النَّاسِ عَلٰى حَیٰوةٍ ۚۛ وَ
مِنَ الَّذِیْنَ اَشْرَكُوْا ۚۛ یَوَدُّ اَحَدُهُمْ لَوْ یُعَمَّرُ اَلْفَ سَنَةٍ ۚ وَ
مَا هُوَ بِمُزَحْزِحِهٖ مِنَ الْعَذَابِ اَنْ یُّعَمَّرَ ؕ وَ اللّٰهُ بَصِیْرٌۢ بِمَا
یَعْمَلُوْنَ ۝۹۶ ع قُلْ مَنْ كَانَ عَدُوًّا لِّجِبْرِیْلَ فَاِنَّهٗ نَزَّلَهٗ
عَلٰى قَلْبِكَ بِاِذْنِ اللّٰهِ مُصَدِّقًا لِّمَا بَیْنَ یَدَیْهِ وَ هُدًى
وَّ بُشْرٰى لِلْمُؤْمِنِیْنَ ۝۹۷ مَنْ كَانَ عَدُوًّا لِّلّٰهِ وَ مَلٰٓىِٕكَتِهٖ وَ
رُسُلِهٖ وَ جِبْرِیْلَ وَ مِیْكٰىلَ فَاِنَّ اللّٰهَ عَدُوٌّ لِّلْكٰفِرِیْنَ ۝۹۸
وَ لَقَدْ اَنْزَلْنَاۤ اِلَیْكَ اٰیٰتٍۭ بَیِّنٰتٍ ۚ وَ مَا یَكْفُرُ بِهَاۤ اِلَّا
الْفٰسِقُوْنَ ۝۹۹ اَوَ كُلَّمَا عٰهَدُوْا عَهْدًا نَّبَذَهٗ فَرِیْقٌ مِّنْهُمْ ؕ
بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا یُؤْمِنُوْنَ ۝۱۰۰ وَ لَمَّا جَآءَهُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ عِنْدِ
اللّٰهِ مُصَدِّقٌ لِّمَا مَعَهُمْ نَبَذَ فَرِیْقٌ مِّنَ الَّذِیْنَ اُوْتُوا
الْكِتٰبَ ۙۗ كِتٰبَ اللّٰهِ وَرَآءَ ظُهُوْرِهِمْ كَاَنَّهُمْ لَا یَعْلَمُوْنَ ۝۱۰۱ ز

(اي پيغمبر! كين) چؤ تہ جيكڏهن آخرت جو ملڪ الله وٽ ٻين ماڻهن كان سواءِ خاص اوهان لاءِ آهي تہ جيكڏهن (پنهنجي چوڻ ۾) سچا آهيو تہ موت گهرو (۹۴). ۽ جيكي كرتوت سندن هٿن اڳي موڪليا آهن تن سببان اُن (موت) كي كڏهن بہ نہ گهرندا ۽ الله ظالمن كي (چڱيءَ طرح) ڄاڻندڙ آهي (۹۵). ۽ (اي پيغمبر!) اُنهن (يهودين) كي جيئڻ تي (سيني) ماڻهن ۽ مشركن كان وڌيڪ حرص وارو ضرور لهندين، منجهائن هر هڪ گهرندو آهي تہ جيكر هزار ورهہ جياريو وڃي ها، ۽ اُهو (ايڏو جيئڻ) كيس عذاب كان پري كرڻ وارو نہ آهي- ۽ جيكي كندا آهن تنهنكي الله ڏسندڙ آهي (۹٦). (اي پيغمبر! كين) چؤ تہ جيكو جبرائيل جو ويري ٿيندو (سو الله جو ويري آهي) چو تہ جبرائيل قرآن كي الله جي حكم سان تنهنجيءَ دل تي لاٿو آهي، جيكي كانئس اڳي آهي تنهنكي سچو كندڙ آهي ۽ مؤمنن لاءِ هدايت ۽ خوشخبري آهي (۹۷). جيكو الله ۽ سندس ملائڪن ۽ سندس پيغمبرن ۽ جبرائيل ۽ ميكائيل جو ويري ٿيندو تہ بيشڪ الله (بہ اهڙن) كافرن جو ويري آهي (۹۸). ۽ (اي پيغمبر!) بيشڪ توڏانهن صاف آيتون موكليون سون، ۽ بي دينن كان سواءِ كوبہ ان جو منكر نہ ٿيندو (۹۹). جڏهن بہ كو انجام ٻَڌائون تي تہ اُن كي چو منجهائن هڪ ٽوليءَ ڀڄو تي؟ بلڪ منهجائن گهڻا ايمان نہ آڻيندا آهن (۱۰۰). ۽ جڏهن پيغمبر (محمدﷺ) اُنهيءَ (يعني توريت) جو سچو كندڙ جيكو وٽن آهي، الله وٽان اين (تڏهن) جن كي كتاب (توريت) ڏنو ويو تن مان هڪ ٽوليءَ الله جي كتاب كي پنهنجين پٺين پويان اُڇليو ڄڻڪ اُهي ڄاڻندا ئي نہ آهن (۱۰۱).

وَاتَّبَعُوْا مَا تَتْلُوا الشَّیٰطِیْنُ عَلٰی مُلْكِ سُلَیْمٰنَ ۚ وَمَا
كَفَرَ سُلَیْمٰنُ وَلٰكِنَّ الشَّیٰطِیْنَ كَفَرُوْا یُعَلِّمُوْنَ النَّاسَ
السِّحْرَ ۗ وَمَاۤ اُنْزِلَ عَلَى الْمَلَكَیْنِ بِبَابِلَ هَارُوْتَ وَمَارُوْتَ ؕ
وَمَا یُعَلِّمٰنِ مِنْ اَحَدٍ حَتّٰى یَقُوْلَاۤ اِنَّمَا نَحْنُ فِتْنَةٌ فَلَا
تَكْفُرْ ؕ فَیَتَعَلَّمُوْنَ مِنْهُمَا مَا یُفَرِّقُوْنَ بِهٖ بَیْنَ الْمَرْءِ وَ
زَوْجِهٖ ؕ وَمَا هُمْ بِضَآرِّیْنَ بِهٖ مِنْ اَحَدٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ
وَیَتَعَلَّمُوْنَ مَا یَضُرُّهُمْ وَلَا یَنْفَعُهُمْ ؕ وَلَقَدْ عَلِمُوْا
لَمَنِ اشْتَرٰىهُ مَا لَهٗ فِی الْاٰخِرَةِ مِنْ خَلَاقٍ ؕ۫ وَلَبِئْسَ
مَا شَرَوْا بِهٖۤ اَنْفُسَهُمْ ؕ لَوْ كَانُوْا یَعْلَمُوْنَ ﴿۱۰۲﴾ وَلَوْ اَنَّهُمْ
اٰمَنُوْا وَاتَّقَوْا لَمَثُوْبَةٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ خَیْرٌ ؕ لَوْ كَانُوْا
یَعْلَمُوْنَ ﴿۱۰۳﴾ ع یٰۤاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقُوْلُوْا رَاعِنَا وَ
قُوْلُوا انْظُرْنَا وَاسْمَعُوْا ؕ وَلِلْكٰفِرِیْنَ عَذَابٌ اَلِیْمٌ ﴿۱۰۴﴾
مَا یَوَدُّ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ وَلَا الْمُشْرِكِیْنَ
اَنْ یُّنَزَّلَ عَلَیْكُمْ مِّنْ خَیْرٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ ؕ وَاللّٰهُ یَخْتَصُّ
بِرَحْمَتِهٖ مَنْ یَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِیْمِ ﴿۱۰۵﴾

۽ اُھي (يھودي توريت جي پيروي ڇڏي) اھڙن (باطل علمن) جي پٺيان لڳا جيڪي سليمان جي ملڪ ۾ شيطان پڙھندا ھئا، ۽ سليمان (جادوءَ ڪرڻ جو) ڪفر نہ ڪيو پر شيطانن ڪفر ڪيو جو ماڻھن کي جادو سيکاريندا ھئا ۽ پڻ (ان جي پٺيان پيا) جيڪي (اسماءَ الھيءَ جا اسرار) ٻن ملائڪن ھاروت ۽ ماروت تي بابل (شھر) ۾ نازل ٿيا ھئا، ۽ اھي ٻئي (اُنھن علمن مان) ڪجھ بہ ايسين ڪنھن ھڪڙي کي نہ سيکاريندا ھئا جيسين (ھيءُ نہ) چوندا ھئا تہ اسين رڳو آزمائش آھيون تنھن ڪري (اُن کي بيجا ڪم ۾ آڻي) ڪافر نہ ٿيءُ. پوءِ ڪانئن اُھو سکندا ھئا جنھن سان مڙس ۽ سندس زال جي وچ ۾ ڦيٽو وجھندا ھئا ۽ اُھي ان سان ڪنھن ھڪڙي کي الله جي حڪم کان سواءِ نقصان پھچائيندڙ نہ ھئا ۽ جيڪا کين نقصان ڏيندي ۽ کين فائدو نہ ڏيندي سا سکندا ھئا ۽ بيشڪ ڄاتائون ٿي تہ جنھن اُھا ورتي تنھن کي آخرت ۾ ڪو نصيب نہ آھي ۽ جنھن سان پاڻ کي وڪيائون سا ضرور بڇڙي آھي. جيڪر ڄاڻن ھا (تہ پاڻ پلين ھا!) (١٠٢). ۽ جيڪڏھن اُھي (يھودي) ايمان آڻين ھا ۽ پرھيزگار ٿين ھا تہ الله وٽان ضرور چڱو بدلو (ملين ھا) جيڪڏھن ڄاڻن ھا (١٠٣). اي ايمان وارؤ! (پيغمبر کي عرض ڪرڻ مھل) راعنا (جو لفظ) نہ چئو ۽ اُنظرنا (جو لفظ) چئو* ۽ (اُھو حڪم غور سان) ٻڌو ۽ ڪافرن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آھي (١٠٤). نڪي ڪو اھل ڪتاب جي ڪافرن مان ۽ نڪي ڪو مشرڪن مان اوھان جي پالڻھار وٽان اوھان تي ڪنھن چڱائي جو لھڻ چاھيندو آھي ۽ الله پنھنجي ٻاجھ سان جنھن کي وڻيس تنھن کي چونڊيندو آھي. ۽ الله وڏي فضل وارو آھي (١٠٥).

* يھودي نبي ﷺ جي مجلس ۾ ڪا ڳالھ ٻڌي وري ان کي دھرائڻ لاءِ "راعنا" جو لفظ چوندا ھئا، يعني: اسان جي رعايت ڪر، پر اھي بد نيتي سان زبان ڦيرائي "راعينا" يعني: اسان جو ڌنار يا بي سمجھ، چوندا ھئا، تنھن ڪري مسلمانن کي اھڙي اکر استعمال ڪرڻ جي بدلي "انظرنا" يعني اسان تي نظر فرماءِ، چوڻ جو حڪم ڪيو ويو. (فتح الرحمان)

مَا نَنْسَخْ مِنْ اٰيَةٍ اَوْ نُنْسِهَا نَاْتِ بِخَيْرٍ مِّنْهَآ اَوْ مِثْلِهَا ؕ اَلَمْ
تَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٠٦﴾ اَلَمْ تَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ لَهٗ
مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَمَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ
وَّلِىٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ﴿١٠٧﴾ اَمْ تُرِيْدُوْنَ اَنْ تَسْـَٔلُوْا رَسُوْلَكُمْ كَمَا
سُئِلَ مُوْسٰى مِنْ قَبْلُ ؕ وَمَنْ يَّتَبَدَّلِ الْكُفْرَ بِالْاِيْمَانِ
فَقَدْ ضَلَّ سَوَآءَ السَّبِيْلِ ﴿١٠٨﴾ وَدَّ كَثِيْرٌ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ
لَوْ يَرُدُّوْنَكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ اِيْمَانِكُمْ كُفَّارًا ۚۖ حَسَدًا مِّنْ عِنْدِ
اَنْفُسِهِمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمُ الْحَقُّ ۚ فَاعْفُوْا
وَاصْفَحُوْا حَتّٰى يَاْتِىَ اللّٰهُ بِاَمْرِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ
قَدِيْرٌ ﴿١٠٩﴾ وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ ؕ وَمَا تُقَدِّمُوْا
لِاَنْفُسِكُمْ مِّنْ خَيْرٍ تَجِدُوْهُ عِنْدَ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ
بَصِيْرٌ ﴿١١٠﴾ وَقَالُوْا لَنْ يَّدْخُلَ الْجَنَّةَ اِلَّا مَنْ كَانَ هُوْدًا
اَوْ نَصٰرٰى ؕ تِلْكَ اَمَانِيُّهُمْ ؕ قُلْ هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ
صٰدِقِيْنَ ﴿١١١﴾ بَلٰى ۚ مَنْ اَسْلَمَ وَجْهَهٗ لِلّٰهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ فَلَهٗٓ
اَجْرُهٗ عِنْدَ رَبِّهٖ ۪ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿١١٢﴾ ع

(اي پيغمبر) جي ڪا آيت منسوخ ڪندا آهيون يا (تنهنجيءَ دل تان) اُها وسارائيندا آهيون تہ اُنهيءَ کان چڱي يا ان جهڙي آڻيندا آهيون۔ نہ ڄاڻندو آهين ڇا؟ تہ الله سڀ ڪنهن شيءَ تي وسوارو آهي (١٠٦). (اي پيغمبر) نہ ڄاڻندو آهين ڇا؟ تہ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله جي آهي ۽ الله کانسواءِ اوهان جو نڪو سنڀاليندڙ ۽ نڪو مددگار آهي (١٠٧). (اي مسلمانؤ!) اوهين پنهنجي پيغمبر کان ائين سوال ڪرڻ چو ٿا گهرو؟ جيئن اڳ (يهودين) موسىٰ کان پڇيو هو۔ ۽ جيڪو ايمان کي ڪفر سان مٽائيندو سو بيشڪ سڌيءَ واٽ کان ڀلو (١٠٨). اهل ڪتاب مان گهڻا گهرندا آهن تہ جيڪر اُوهان جي ايمان آڻڻ کان پوءِ بہ اوهان کي حسد سببان جو سندين دلين ۾ آهي، مٿن جو حق پڌرو ٿي چڪو آهي، ان کان پوءِ بہ موٽائي ڪافر ڪن پوءِ ايسين معاف ڪريو ۽ مڙي وڃو جيسين الله پنهنجو حڪم موڪلي، ڇو تہ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وسوارو آهي (١٠٩). ۽ (اي مسلمانؤ!) نماز پڙهو ۽ زڪواة ڏيو ۽ جيڪا چڱائي پاڻ لاءِ اڳي موڪليندؤ سا الله وٽ لهندؤ۔ بيشڪ جيڪي اوهين ڪندا آهيو تنهن کي الله ڏسندڙ آهي (١١٠). ۽ (يهودي ۽ نصاريٰ) چون ٿا تہ يهودين ۽ نصارن کان سواءِ بهشت ۾ ڪوئي نہ گهڙندو۔ اهي سندن سڌون آهن (اي پيغمبر! ڪين) چؤ تہ جيڪڏهن سچا آهيو تہ پنهنجو ڪو دليل آڻيو (١١١). هائو، جنهن پنهنجو منهن الله لاءِ نوڙايو ۽ اهو ڀلارو هوندو تنهن لاءِ سندس پالڻهار وٽ سندس اجر آهي ۽ نڪو کين ڀؤ آهي ۽ نڪي اُهي غمگين ٿيندا (١١٢).

وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ لَيْسَتِ النَّصٰرٰى عَلٰى شَیْءٍ وَّقَالَتِ النَّصٰرٰى
لَيْسَتِ الْيَهُوْدُ عَلٰى شَیْءٍ ۙ وَّهُمْ يَتْلُوْنَ الْكِتٰبَ ؕ كَذٰلِكَ قَالَ
الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ مِثْلَ قَوْلِهِمْ ۚ فَاللّٰهُ يَحْكُمُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ
الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿١١٣﴾ وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ
مَّنَعَ مَسٰجِدَ اللّٰهِ اَنْ يُّذْكَرَ فِيْهَا اسْمُهٗ وَسَعٰى فِیْ خَرَابِهَا ؕ
اُولٰٓئِكَ مَا كَانَ لَهُمْ اَنْ يَّدْخُلُوْهَآ اِلَّا خَآئِفِيْنَ ؕ لَهُمْ فِی
الدُّنْيَا خِزْیٌ وَّلَهُمْ فِی الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿١١٤﴾ وَلِلّٰهِ الْمَشْرِقُ
وَالْمَغْرِبُ ۗ فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْا فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ وَاسِعٌ
عَلِيْمٌ ﴿١١٥﴾ وَقَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا ۙ سُبْحٰنَهٗ ؕ بَلْ لَّهٗ مَا فِی السَّمٰوٰتِ
وَالْاَرْضِ ؕ كُلٌّ لَّهٗ قٰنِتُوْنَ ﴿١١٦﴾ بَدِيْعُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَ
اِذَا قَضٰۤى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿١١٧﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ
لَا يَعْلَمُوْنَ لَوْلَا يُكَلِّمُنَا اللّٰهُ اَوْ تَاْتِيْنَآ اٰيَةٌ ؕ كَذٰلِكَ
قَالَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّثْلَ قَوْلِهِمْ ؕ تَشَابَهَتْ قُلُوْبُهُمْ ؕ
قَدْ بَيَّنَّا الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿١١٨﴾ اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ بِالْحَقِّ
بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا ۙ وَّلَا تُسْئَلُ عَنْ اَصْحٰبِ الْجَحِيْمِ ﴿١١٩﴾

۽ يهودي چون ٿا ته نصاريٰ ڪنهن دين تي نه آهن ۽ نصاريٰ چون ٿا ته يهودي ڪنهن دين تي نه آهن ۽ (حقيقت ڪري) اُهي ڪتاب (توريت ۽ انجيل) پڙهندا آهن- اهڙيءَ طرح جيڪي نه ڄاڻندا آهن سي (به) سندن چوڻ وانگر چوندا آهن- پوءِ الله قيامت جي ڏينهن سندن وچ ۾ جنهن (ڳالھ) بابت جهڳڙوڪندا هئا تنهن جو فيصلو ڪندو (١١٣). ۽ ڪير اُن کان وڌيڪ ظالم آهي؟ جنهن الله جي مسجدين ۾ سندس نالي ياد ڪرڻ کان جهليو ۽ انهن (مسجدين) جي ڊاهڻ ۾ ڪوشش ڪيائين، اهڙن کي انهن (مسجدين) ۾ ڊڄندڙ ٿي گهڙڻ ڌاران (ٻيءَ طرح گهڙڻ) نه جڳائيندو آهي اُنهن لاءِ دنيا ۾ خواري آهي ۽ اُنهن لاءِ آخرت ۾ وڏو عذاب آهي (١١٤). ۽ اوڀر ۽ اولھ الله جو آهي پوءِ جيڏانهن پنهنجي منهن کي ڦيرايو تيڏانهن الله جي ذات آهي، بيشڪ الله (مهربانيءَ ۾) ڪشادگيءَ وارو ڄاڻندڙ آهي (١١٥). ۽ (ڪافر) چون ٿا ته الله (پنهنجي لاءِ) اولاد ورتو آهي (نه،) اُهو ته پاڪ آهي بلڪ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو سندس (ملڪ) آهي سڀئي سندس فرمانبردار آهن (١١٦). آسمانن ۽ زمين جو نئين سر بڻائيندڙ آهي ۽ جڏهن ڪوئي ڪم ڪندو آهي تڏهن اُن کي رڳو چوندو آهي ته ٿيءُ، ته ٿي پوندو آهي (١١٧). ۽ جيڪي نه ڄاڻندا آهن سي چوندا آهن ته الله اسان سان ڇو نه ڳالهائيندو آهي يا ڪا نشاني اسان وٽ ڇو نه ايندي آهي؟ اهڙي طرح جيڪي کانئن اڳ هئا تن سندن چوڻ وانگر چيو- سندين دليون هڪ جهڙيون آهن- بيشڪ اسان اُنهيءَ قوم لاءِ نشانيون بيان ڪيون آهن جيڪي يقين رکندا آهن (١١٨). (اي پيغمبر!) بيشڪ اسان توکي سچ سان خوش خبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو ۽ (تون) دوزخين بابت نه پڇبين (١١٩).

وَلَنْ تَرْضٰى عَنْكَ الْيَهُوْدُ وَلَا النَّصٰرٰى حَتّٰى تَتَّبِعَ مِلَّتَهُمْ ؕ

قُلْ اِنَّ هُدَى اللّٰهِ هُوَ الْهُدٰى ؕ وَلَئِنِ اتَّبَعْتَ اَهْوَآءَهُمْ بَعْدَ

الَّذِیْ جَآءَكَ مِنَ الْعِلْمِ ۙ مَا لَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنْ وَّلِیٍّ وَّلَا نَصِیْرٍ ﴿١٢٠﴾

اَلَّذِیْنَ اٰتَیْنٰهُمُ الْكِتٰبَ یَتْلُوْنَهٗ حَقَّ تِلَاوَتِهٖ ؕ اُولٰٓئِكَ یُؤْمِنُوْنَ

بِهٖ ؕ وَمَنْ یَّكْفُرْ بِهٖ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿١٢١﴾ یٰبَنِیْٓ اِسْرَآءِیْلَ

اذْكُرُوْا نِعْمَتِیَ الَّتِیْٓ اَنْعَمْتُ عَلَیْكُمْ وَاَنِّیْ فَضَّلْتُكُمْ عَلَی الْعٰلَمِیْنَ ﴿١٢٢﴾

وَاتَّقُوْا یَوْمًا لَّا تَجْزِیْ نَفْسٌ عَنْ نَّفْسٍ شَیْئًا وَّلَا یُقْبَلُ مِنْهَا

عَدْلٌ وَّلَا تَنْفَعُهَا شَفَاعَةٌ وَّلَا هُمْ یُنْصَرُوْنَ ﴿١٢٣﴾ وَاِذِ ابْتَلٰٓی

اِبْرٰهٖمَ رَبُّهٗ بِكَلِمٰتٍ فَاَتَمَّهُنَّ ؕ قَالَ اِنِّیْ جَاعِلُكَ لِلنَّاسِ اِمَامًا ؕ

قَالَ وَمِنْ ذُرِّیَّتِیْ ؕ قَالَ لَا یَنَالُ عَهْدِی الظّٰلِمِیْنَ ﴿١٢٤﴾ وَاِذْ جَعَلْنَا

الْبَیْتَ مَثَابَةً لِّلنَّاسِ وَاَمْنًا ؕ وَاتَّخِذُوْا مِنْ مَّقَامِ اِبْرٰهٖمَ مُصَلًّی ؕ وَعَهِدْنَآ

اِلٰٓی اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِیْلَ اَنْ طَهِّرَا بَیْتِیَ لِلطَّآئِفِیْنَ وَالْعٰكِفِیْنَ وَالرُّكَّعِ

السُّجُوْدِ ﴿١٢٥﴾ وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهٖمُ رَبِّ اجْعَلْ هٰذَا بَلَدًا اٰمِنًا وَّارْزُقْ

اَهْلَهٗ مِنَ الثَّمَرٰتِ مَنْ اٰمَنَ مِنْهُمْ بِاللّٰهِ وَالْیَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ قَالَ وَمَنْ

كَفَرَ فَاُمَتِّعُهٗ قَلِیْلًا ثُمَّ اَضْطَرُّهٗۤ اِلٰی عَذَابِ النَّارِ ؕ وَبِئْسَ الْمَصِیْرُ ﴿١٢٦﴾

۽ (اي پيغمبر!) يهودي ايسين توکان ڪڏهن راضي نہ ٿيندا ۽ نڪي نصاريٰ، جيسين تون سندن دين جي تابعداري ڪرين (ڪين) چؤ تہ الله جي هدايت اها (اسلام جي) هدايت آهي، ۽ (اي پيغمبر!) تو وٽ جو علم آيو آهي تنهن کان پوءِ بہ جيڪڏهن (تون) سندن سڌن جي تابعداري ڪندين تہ تو لاءِ الله وٽان نڪو سنڀاليندڙ ۽ نڪو مددگار ٿيندو (١٢٠). جن کي ڪتاب ڏنوسون سي اُن کي اهڙيءَ طرح پڙهندا آهن جهڙو سندس پڙهڻ جو حق آهي- اهي اُن کي مڃيندا آهن- ۽ جيڪي اُن کي نہ مڃيندا سي ئي گهاٽي وارا آهن (١٢١). اي بني اسرائيلؤ! اُهي منهنجا ٻڳڻ ياد ڪريو جيڪي مون اوهان تي ڪيا ۽ مون جهان (وارن) تي اوهان کي سڳورو ڪيو (١٢٢). ۽ اُنهيءَ ڏينهن کان ڊڄو جنهن ۾ ڪو جيءُ ڪنهن جيءَ کان ڪجهہ بہ ٽاري نہ سگهندو ۽ نڪي کانئس ڪو بدلو قبول ڪبو ۽ نڪي ڪيس ڪا پارت نفعو ڏيندي ۽ نڪي ڪين مدد ڏبي (١٢٣). ۽ جڏهن ابراهيم کي سندس پالڻهار ڪن ڳالهين سان پرکيو پوءِ اُهي پوريون ڪيائين- (۽ الله) فرمايو تہ آءٌ توکي ماڻهن لاءِ امام مقرر ڪرڻ وارو آهيان (تڏهن ابراهيم) چيو تہ منهنجي اولاد مان بہ (امام ڪر. الله) فرمايو تہ ظالمن کي (اِهو) منهنجو انجام نہ پهچندو (١٢۴). ۽ جڏهن بيت الله کي ماڻهن جي موٽڻ جو ماڳ ۽ امن جو هنڌ مقرر ڪيوسون ۽ (هن اُمت کي حڪم ڪيوسون تہ) مقام ابراهيم کي (بہ) نماز پڙهڻ جي جاءِ ڪري وٺو ۽ ابراهيم ۽ اسماعيل کي وصيت ڪئي سون تہ منهنجي گهر کي طواف ڪندڙن ۽ اعتڪاف وارن ۽ رڪوع (۽) سجدي ڪندڙن لاءِ پاڪ رکو (١٢٥). ۽ جڏهن ابراهيم چيو تہ اي منهنجا پالڻهار! هن (مڪي) کي امن جو شهر ڪر ۽ سندس رهندڙن مان اُنهن کي ميون جي روزي ڏي جيڪي منجهانئن الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃين- (تڏهن الله) فرمايو تہ جنهن نہ مڃيو (تنهن کي بہ)، پوءِ اُن کي (حياتيءَ جا) ٿورڙا ڏينهن آسودو ڪندس وري ڪيس باہ جي عذاب ڏانهن بي وس ڪندس- ۽ اُها بڇڙي جاءِ آهي (١٢٦).

وَاِذۡ يَرۡفَعُ اِبۡرٰهٖمُ الۡقَوَاعِدَ مِنَ الۡبَيۡتِ وَاِسۡمٰعِيۡلُ ؕ رَبَّنَا تَقَبَّلۡ مِنَّا ؕ

اِنَّكَ اَنۡتَ السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ ﴿۱۲۷﴾ رَبَّنَا وَاجۡعَلۡنَا مُسۡلِمَيۡنِ لَكَ وَ

مِنۡ ذُرِّيَّتِنَآ اُمَّةً مُّسۡلِمَةً لَّكَ وَاَرِنَا مَنَاسِكَنَا وَتُبۡ عَلَيۡنَا ۚ

اِنَّكَ اَنۡتَ التَّوَّابُ الرَّحِيۡمُ ﴿۱۲۸﴾ رَبَّنَا وَابۡعَثۡ فِيۡهِمۡ رَسُوۡلًا

مِّنۡهُمۡ يَتۡلُوۡا عَلَيۡهِمۡ اٰيٰتِكَ وَيُعَلِّمُهُمُ الۡكِتٰبَ وَالۡحِكۡمَةَ وَ

يُزَكِّيۡهِمۡ ؕ اِنَّكَ اَنۡتَ الۡعَزِيۡزُ الۡحَكِيۡمُ ﴿۱۲۹﴾ ع وَمَنۡ يَّرۡغَبُ عَنۡ مِّلَّةِ

اِبۡرٰهٖمَ اِلَّا مَنۡ سَفِهَ نَفۡسَهٗ ؕ وَلَقَدِ اصۡطَفَيۡنٰهُ فِى الدُّنۡيَا ۚ

وَاِنَّهٗ فِى الۡاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِيۡنَ ﴿۱۳۰﴾ اِذۡ قَالَ لَهٗ رَبُّهٗۤ اَسۡلِمۡ ۙ

قَالَ اَسۡلَمۡتُ لِرَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۱۳۱﴾ وَوَصّٰى بِهَآ اِبۡرٰهٖمُ بَنِيۡهِ وَ

يَعۡقُوۡبُ ؕ يٰبَنِىَّ اِنَّ اللّٰهَ اصۡطَفٰى لَكُمُ الدِّيۡنَ فَلَا تَمُوۡتُنَّ اِلَّا

وَاَنۡتُمۡ مُّسۡلِمُوۡنَ ﴿۱۳۲﴾ ؕ اَمۡ كُنۡتُمۡ شُهَدَآءَ اِذۡ حَضَرَ يَعۡقُوۡبَ

الۡمَوۡتُ ۙ اِذۡ قَالَ لِبَنِيۡهِ مَا تَعۡبُدُوۡنَ مِنۡۢ بَعۡدِىۡ ؕ قَالُوۡا نَعۡبُدُ

اِلٰهَكَ وَاِلٰهَ اٰبَآئِكَ اِبۡرٰهٖمَ وَاِسۡمٰعِيۡلَ وَاِسۡحٰقَ اِلٰهًا وَّاحِدًا ۖۚ

وَّنَحۡنُ لَهٗ مُسۡلِمُوۡنَ ﴿۱۳۳﴾ تِلۡكَ اُمَّةٌ قَدۡ خَلَتۡ ۚ لَهَا مَا كَسَبَتۡ

وَلَكُمۡ مَّا كَسَبۡتُمۡ ۚ وَلَا تُسۡـَٔلُوۡنَ عَمَّا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿۱۳۴﴾

۽ جڏهن ابراهيم ۽ اسماعيل بيت (الله) جا بنياد اوساريندا هئا (تڏهن چوندا هئا تہ) اي اسان جا پالڻھار (هيءُ پورهيو) اسان کان قبول ڪر۔ ڇو تہ تون ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهين (١٢٧). ۽ اي اسان جا پالڻھار اسان کي پنھنجو فرمانبردار ڪر ۽ اسان جي اولاد مان (بہ) هڪ ٽوليءَ کي پنھنجو فرمانبردار ڪر ۽ اسان کي اسان جي حج جا ارڪان سيکار ۽ اسان جون (خطائون) معاف ڪر، بيشڪ تون ئي وڏو معافي ڪندڙ مهربان آهين (١٢٨). ۽ اي اسان جا پالڻھار! منجهائن هڪ پيغمبر منجهن موڪل جو تنھنجون آيتون متن پڙهي ۽ کين ڪتاب ۽ حڪمت سيکاري ۽ کين سڌاري۔ بيشڪ تون ئي غالب حڪمت وارو آهين (١٢٩). ۽ جنھن پاڻ کي بي سمجھ ڪيو تنھن کان سواءِ (ٻيو) ڪير ابراهيم جي دين کان منھن موڙيندو؟ ۽ بي شڪ کيس دنيا ۾ چونڊيوسون، ۽ اهو آخرت ۾ ضرور ڀلارن مان آهي (١٣٠). جڏهن کيس سندس پالڻھار چيو تہ منھنجا حڪم مڃ! (تڏهن) چيائين تہ جهانن جي پالڻھار جا (سڀ) حڪم مڃيم (١٣١). ۽ ابراهيم ۽ يعقوب پنھنجن پٽن کي ان (ڳالھ) جي وصيت ڪئي تہ اي منھنجي اولاد! الله (هن) دين کي اوهان لاءِ چونڊيو آهي پوءِ اوهين مسلمان هجڻ کان سواءِ نہ مرجو (١٣٢). (اي ڪتاب وارؤ) اوهين (تڏهن) حاضر هيؤ ڇا؟ جڏهن يعقوب کي موت ويجهو ٿيو جڏهن پنھنجن پٽن کي چيائين تہ مون کان پوءِ ڪنھن جي عبادت ڪندؤ؟ (تڏهن) چيائون تہ تنھنجي خدا ۽ تنھنجي پيءُ ڏاڏي ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق جي خدا جي، جو اڪيلو خدا آهي، عبادت ڪنداسون۔ ۽ اسين سندس حڪم مڃيندڙ آهيون (١٣٣). اِها ٽولي بيشڪ گذري ويئي آهي، جيڪي اُنھن ڪمايو سو اُنھن لاءِ آهي ۽ جيڪي اوهان ڪمايو سو اوهان لاءِ آهي۔ ۽ جيڪي (اُهي) ڪندا هئا تنھن بابت اوهين نہ پڇبؤ (١٣٤).

وَقَالُوْا كُوْنُوْا هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰى تَهْتَدُوْا ؕ قُلْ بَلْ مِلَّةَ اِبْرٰهٖمَ
حَنِيْفًا ؕ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٣٥﴾ قُوْلُوْٓا اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَمَآ اُنْزِلَ
اِلَيْنَا وَمَآ اُنْزِلَ اِلٰٓى اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ وَ
الْاَسْبَاطِ وَمَآ اُوْتِىَ مُوْسٰى وَعِيْسٰى وَمَآ اُوْتِىَ النَّبِيُّوْنَ مِنْ
رَّبِّهِمْ ۚ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْهُمْ ۫ وَنَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ ﴿١٣٦﴾ فَاِنْ
اٰمَنُوْا بِمِثْلِ مَآ اٰمَنْتُمْ بِهٖ فَقَدِ اهْتَدَوْا ۚ وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا
هُمْ فِىْ شِقَاقٍ ۚ فَسَيَكْفِيْكَهُمُ اللّٰهُ ۚ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿١٣٧﴾ ؕ
صِبْغَةَ اللّٰهِ ۚ وَمَنْ اَحْسَنُ مِنَ اللّٰهِ صِبْغَةً ۫ وَّنَحْنُ لَهٗ
عٰبِدُوْنَ ﴿١٣٨﴾ قُلْ اَتُحَآجُّوْنَنَا فِى اللّٰهِ وَهُوَ رَبُّنَا وَرَبُّكُمْ ۚ وَلَنَآ
اَعْمَالُنَا وَلَكُمْ اَعْمَالُكُمْ ۚ وَنَحْنُ لَهٗ مُخْلِصُوْنَ ﴿١٣٩﴾ ۙ اَمْ تَقُوْلُوْنَ
اِنَّ اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ وَالْاَسْبَاطَ كَانُوْا
هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰى ؕ قُلْ ءَاَنْتُمْ اَعْلَمُ اَمِ اللّٰهُ ؕ وَمَنْ اَظْلَمُ
مِمَّنْ كَتَمَ شَهَادَةً عِنْدَهٗ مِنَ اللّٰهِ ؕ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ
عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٤٠﴾ تِلْكَ اُمَّةٌ قَدْ خَلَتْ ۚ لَهَا مَا كَسَبَتْ وَلَكُمْ
مَّا كَسَبْتُمْ ۚ وَلَا تُسْـَٔلُوْنَ عَمَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٤١﴾ ع

۽ (ڪتاب وارا مسلمانن کي) چون ٿا ته يهودي يا نصاريٰ ٿيو ته هدايت وارا ٿيندؤ (اي پيغمبر! ڪين) چؤ ته اسين ابراهيم حنيف (هڪ طرفي) جي دين جا تابعدار آهيون ۽ اُهو مشرڪن مان نه هو (۱۳۵). (ڪين)چئو ته اسين الله کي مڃيون ٿا، ۽ (پڻ) جيڪو (قرآن) اسان ڏانهن لاٿو ويو آهي، ۽ جيڪي (صحيفا) ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ يعقوب جي اولاد ڏانهن لاٿا ويا آهن، ۽ جيڪي موسيٰ ۽ عيسيٰ کي ڏنو ويو ۽ جيڪي ٻين پيغمبرن کي سندن پالڻھار کان ڏنو ويو، تنهن (سڀ) کي (مڃيون ٿا) منجهانئن ڪنهن هڪ جي وچ ۾ فرق نه ٿا پائيون ۽ اسين اُن (هڪ الله) کي مڃيندڙ آهيون (۱۳٦). پوءِ جيڪڏهن الله کي اوهان جي مڃڻ جهڙو مڃين ته بيشڪ هدايت وارا ٿيندا، ۽ جيڪڏهن ڦرندا ته اُهي جهڳڙي ۾ ئي پوندا، پوءِ سِگهو الله توکي اُنهن (جي شر) کان ڪافي ٿيندو، ۽ اُهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (۱۳۷). الله (پنهنجي دين جي رنگ سان اسان کي) رڱيو آهي ۽ رڱڻ ۾ الله کان وڌيڪ چڱو ڪير آهي؟ ۽ اسين سندس عبادت ڪندڙ آهيون (۱۳۸). (اي پيغمبر ڪين) چؤ ته الله (جي دين) بابت اسان سان تڪرار ڪريو ٿا ڇا؟ ۽ (حقيقت ڪري) اُهو اسان جو پالڻھار ۽ اوهان جو (به) پالڻھار آهي، ۽ اسان لاءِ اسان جا عمل ۽ اوهان لاءِ اوهان جا ڪرتوت آهن، ۽ اسين سندس مخلص ٻانها آهيون (۱۳۹). يا چئو ٿا ته ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ يعقوب جو اولاد يهودي يا نصاريٰ هئا- (اي پيغمبر ڪين) چؤ ته اوهين وڌيڪ ڄاڻندڙ آهيو يا الله (وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي)؟- ۽ جيڪو اهڙي شاهدي لڪائي جا الله طرفان وٽس هجي تنهن کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي؟ ۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن کان الله بي خبر نه آهي (۱۴۰). اِها ٽولي بي شڪ گذري ويئي، جيڪي ڪمايائون سو اُنهن لاءِ آهي ۽ جيڪي اوهان ڪمايو سو اوهان لاءِ آهي ۽ جيڪي (اُهي) ڪندا هئا تنهن بابت (اوهين) نه پڇيا ويندؤ (۱۴۱).

سَيَقُوْلُ السُّفَهَآءُ مِنَ النَّاسِ مَا وَلّٰىهُمْ عَنْ قِبْلَتِهِمُ
الَّتِيْ كَانُوْا عَلَيْهَا ؕ قُلْ لِّلّٰهِ الْمَشْرِقُ وَالْمَغْرِبُ ؕ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ
اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿١٤٢﴾ وَكَذٰلِكَ جَعَلْنٰكُمْ اُمَّةً وَّسَطًا لِّتَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ
عَلَى النَّاسِ وَيَكُوْنَ الرَّسُوْلُ عَلَيْكُمْ شَهِيْدًا ؕ وَمَا جَعَلْنَا الْقِبْلَةَ الَّتِيْ
كُنْتَ عَلَيْهَآ اِلَّا لِنَعْلَمَ مَنْ يَّتَّبِعُ الرَّسُوْلَ مِمَّنْ يَّنْقَلِبُ عَلٰى عَقِبَيْهِ ؕ
وَاِنْ كَانَتْ لَكَبِيْرَةً اِلَّا عَلَى الَّذِيْنَ هَدَى اللّٰهُ ؕ وَمَا كَانَ اللّٰهُ
لِيُضِيْعَ اِيْمَانَكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِالنَّاسِ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٤٣﴾ قَدْ نَرٰى تَقَلُّبَ
وَجْهِكَ فِي السَّمَآءِ ۚ فَلَنُوَلِّيَنَّكَ قِبْلَةً تَرْضٰىهَا ۪ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ
الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ؕ وَحَيْثُ مَا كُنْتُمْ فَوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ شَطْرَهٗ ؕ وَاِنَّ الَّذِيْنَ
اُوْتُوا الْكِتٰبَ لَيَعْلَمُوْنَ اَنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّهِمْ ؕ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا
يَعْمَلُوْنَ ﴿١٤٤﴾ وَلَئِنْ اَتَيْتَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ بِكُلِّ اٰيَةٍ مَّا تَبِعُوْا
قِبْلَتَكَ ۚ وَمَآ اَنْتَ بِتَابِعٍ قِبْلَتَهُمْ ۚ وَمَا بَعْضُهُمْ بِتَابِعٍ قِبْلَةَ بَعْضٍ ؕ
وَلَئِنِ اتَّبَعْتَ اَهْوَآءَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَكَ مِنَ الْعِلْمِ ۙ اِنَّكَ
اِذًا لَّمِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٤٥﴾ اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَعْرِفُوْنَهٗ كَمَا يَعْرِفُوْنَ
اَبْنَآءَهُمْ ؕ وَاِنَّ فَرِيْقًا مِّنْهُمْ لَيَكْتُمُوْنَ الْحَقَّ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿١٤٦﴾

ماڻهن منجهان ڪي بي سمجهه سگهو چوندا تہ انهن (مسلمانن) کي سندن اُن قبلي جنهن ڏي (نماز پڙهندا) هئا تنهن کان ڪهڙيءَ ڳالهه ڦيرايو؟ (اي پيغمبر! ڪين) چؤ تہ اوڀر ۽ اولهه الله جو آهي جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي سڌي واٽ ڏيکاريندو آهي (١٤٢). ۽ (جهڙي طرح اوهان جو قبلو ڀلو ڪيوسين) اهڙيءَ طرح اوهان کي ڀلي امت ڪيو سون تہ ماڻهن تي شاهد هجو ۽ پيغمبر (محمد ﷺ) اوهان تي شاهد هجي، ۽ (اي پيغمبر) جنهن (طرف) تي (اڳي) هئين تنهن کي قبلو مقرر نہ ڪيو هيوسون مگر هن لاءِ تہ جيڪو پيغمبر جي پٺيان لڳي تنهن کي اُنهيءَ کان نکيڙيون جيڪو پنهنجين ڪڙين (ڀر پوءِ) تي ڦري ۽ بيشڪ (اِهو) جن کي الله هدايت ڪئي تن کان سواءِ (ٻين تي) ضرور ڏکيو آهي ۽ الله جو شان اهو نہ آهي جو اوهان جي ايمان کي وڃائي، ڇو تہ الله ماڻهن سان يقيناً شفقت ڪندڙ مهربان آهي (١٤٣). (اي پيغمبر!) آسمان ڏانهن تنهنجو (هر هر) منهن ڦيرائڻ بيشڪ ڏسون ٿا، پوءِ جنهن قبلي کي پسند ڪرين ٿو (اوڏاهين) توکي ضرور ڦيرائينداسون پوءِ (اي پيغمبر) پنهنجي منهن کي تعظيم واريءَ مسجد (حرام) ڏانهن ڦيراءِ- ۽ (اي مسلمانؤ!) اوهين جتي هجو اتي پنهنجا منهن اوڏانهن ڦيرايو- ۽ جن کي ڪتاب ڏنو ويو آهي سي ضرور ڄاڻن ٿا تہ اهو (ڦيرائڻ) سندن پالڻهار وٽان بلڪل حق آهي- ۽ جيڪي ڪندا آهن تنهن کان الله بي خبر نہ آهي (١٤٤). ۽ (قسم آهي) تہ جن کي ڪتاب ڏنو ويو آهي تن وٽ جيڪڏهن (تون) سڀ دليل آڻين تہ (بہ) تنهنجي قبلي جي تابعداري نہ ڪندا، ۽ نکي تون سندن قبلي جي تابعداري ڪندڙ آهين، ۽ نکي انهن مان ڪي ڪن جي قبلي جي تابعداري ڪندڙ آهن- ۽ (قسم آهي) تہ ان کان پوءِ جو تو وٽ علم آيو جيڪڏهن سندن سڌن جي تابعداري ڪندين تہ تون اُن مهل ظالمن مان ٿيندين (١٤٥). جن کي ڪتاب (توريت) ڏنوسون سي اُن کي ائين سڃاڻندا آهن جيئن پنهنجن پٽن کي سڃاڻندا آهن- ۽ منجهائن هڪ ٽولي ڄاڻ هوندي (بہ) بيشڪ حق کي لڪائيندي آهي (١٤٦).

اَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿۱۴۷﴾ وَلِكُلٍّ وِّجْهَةٌ هُوَ
مُوَلِّيْهَا فَاسْتَبِقُوا الْخَيْرٰتِ ۛ اَيْنَ مَا تَكُوْنُوْا يَاْتِ بِكُمُ اللّٰهُ جَمِيْعًا ۭ
اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۱۴۸﴾ وَمِنْ حَيْثُ خَرَجْتَ فَوَلِّ وَجْهَكَ
شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۭ وَاِنَّهٗ لَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ ۭ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا
تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۴۹﴾ وَمِنْ حَيْثُ خَرَجْتَ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۭ
وَحَيْثُ مَا كُنْتُمْ فَوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ شَطْرَهٗ ۙ لِئَلَّا يَكُوْنَ لِلنَّاسِ عَلَيْكُمْ
حُجَّةٌ ۤ اِلَّا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْهُمْ ۤ فَلَا تَخْشَوْهُمْ وَاخْشَوْنِيْ ۤ وَلِاُتِمَّ
نِعْمَتِيْ عَلَيْكُمْ وَلَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿۱۵۰﴾ ۛ كَمَآ اَرْسَلْنَا فِيْكُمْ رَسُوْلًا مِّنْكُمْ
يَتْلُوْا عَلَيْكُمْ اٰيٰتِنَا وَيُزَكِّيْكُمْ وَيُعَلِّمُكُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَيُعَلِّمُكُمْ مَّا
لَمْ تَكُوْنُوْا تَعْلَمُوْنَ ﴿۱۵۱﴾ ۛ فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ وَاشْكُرُوْا لِيْ وَلَا تَكْفُرُوْنِ ﴿۱۵۲﴾ ع
يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَالصَّلٰوةِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۱۵۳﴾
وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ يُّقْتَلُ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتٌ ۭ بَلْ اَحْيَاۗءٌ وَّلٰكِنْ لَّا
تَشْعُرُوْنَ ﴿۱۵۴﴾ وَلَنَبْلُوَنَّكُمْ بِشَيْءٍ مِّنَ الْخَوْفِ وَالْجُوْعِ وَنَقْصٍ مِّنَ
الْاَمْوَالِ وَالْاَنْفُسِ وَالثَّمَرٰتِ ۭ وَبَشِّرِ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۱۵۵﴾ ۙ الَّذِيْنَ اِذَآ
اَصَابَتْهُمْ مُّصِيْبَةٌ ۙ قَالُوْٓا اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ ﴿۱۵۶﴾ ۭ

اهو تنهنجي پالڻهار وٽان سچ آهي تنهن ڪري تون شڪ وارن مان بنه نه ٿيءُ (١٤٧). ۽ سڀ ڪنهن لاءِ (ڪو) هڪ قبلو آهي جنهن ڏانهن اُهو منهن ڪندو آهي پوءِ چڱاين ڏانهن اڳرائي ڪريو، جتي هوندؤ (اُتان) الله اوهان کي گڏ ڪري آڻيندو، ڇو ته الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي (١٤٨). ۽ (اي پيغمبر!) جتان (ٻاهر) نڪرين ته پنهنجو منهن مسجد حرام ڏانهن ڦيراءِ، ۽ بيشڪ اِهو (ڦيرائڻ) تنهنجي پالڻهار وٽان بلڪل حق آهي- ۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن کان الله بي خبر نه آهي (١٤٩). ۽ جتان (ٻاهر) نڪرين ته پنهنجومنهن مسجد حرام ڏانهن ڦيراءِ- ۽ جتي هجو (تتي) پنهنجا منهن ان ڏانهن ڦيرايو (هن لاءِ) ته منجهانئن جن ظلم ڪيو تن کان سواءِ ٻين ماڻهن کي اوهان تي ڪا حجت نه رهي، پوءِ کانئن نه ڊڄو ۽ مون کان ڊڄو ۽ (هن لاءِ) ته (آءٌ) پنهنجي نعمت اوهان تي پوري ڪريان ۽ مانَ اوهين هدايت وارا ٿيو (١٥٠). جهڙيءَ طرح (اوهان تي نعمت پوري ڪئي سون تهڙي طرح) اوهان منجهان پيغمبر اوهان ۾ موڪليوسون جو اسان جون آيتون اوهان تي پڙهندو آهي ۽ اوهان کي پاڪ ڪندو آهي ۽ اوهان کي ڪتاب ۽ حڪمت سيکاريندو آهي ۽ جيڪي نه ڄاڻندا هيؤ سو (پڻ) اوهان کي سيکاريندو آهي (١٥١). تنهنڪري مون کي ياد ڪريو ته آءٌ اوهان کي ياد ڪريان ۽ منهنجو شڪر ڪريو ۽ منهنجي بي شڪري نه ڪريو (١٥٢). اي مؤمنؤ! صبر ۽ نماز سان سهارو وٺو يقيناً الله صابرن ساڻ آهي (١٥٣). ۽ جيڪي الله جي واٽ ۾ ڪسن تن کي مئل نه چئو، بلڪ (اُهي) جيئرا آهن پر اوهين نٿا سمجهو (١٥٤). ۽ اوهان کي ڊپ ۽ بک ۽ مالن جي ۽ جانين جي ۽ ميون جي گهٽتائيءَ مان ڪنهين شيءِ سان ضرور پرکيندا سون- ۽ (اي پيغمبر!) اُنهن صابرن کي خوشخبري ڏي (١٥٥). جن کي جڏهن ڪا تڪليف پهچي ٿي (تڏهن) چون ٿا ته اسين الله جا (ٻانها) آهيون ۽ اسين ان ڏانهن موٽندڙ آهيون (١٥٦).

أُولٰٓئِكَ عَلَيْهِمْ صَلَوٰتٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَرَحْمَةٌ ۗ وَأُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُهْتَدُوْنَ ﴿١٥٧﴾

إِنَّ الصَّفَا وَالْمَرْوَةَ مِنْ شَعَآئِرِ اللّٰهِ ۚ فَمَنْ حَجَّ الْبَيْتَ أَوِ اعْتَمَرَ

فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِ أَنْ يَّطَّوَّفَ بِهِمَا ۗ وَمَنْ تَطَوَّعَ خَيْرًا ۙ فَإِنَّ اللّٰهَ

شَاكِرٌ عَلِيْمٌ ﴿١٥٨﴾ إِنَّ الَّذِيْنَ يَكْتُمُوْنَ مَآ أَنْزَلْنَا مِنَ الْبَيِّنٰتِ وَالْهُدٰى

مِنْۢ بَعْدِ مَا بَيَّنّٰهُ لِلنَّاسِ فِي الْكِتٰبِ ۙ أُولٰٓئِكَ يَلْعَنُهُمُ اللّٰهُ وَ

يَلْعَنُهُمُ اللّٰعِنُوْنَ ﴿١٥٩﴾ إِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا وَأَصْلَحُوْا وَبَيَّنُوْا

فَأُولٰٓئِكَ أَتُوْبُ عَلَيْهِمْ ۚ وَأَنَا التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿١٦٠﴾ إِنَّ الَّذِيْنَ

كَفَرُوْا وَمَاتُوْا وَهُمْ كُفَّارٌ أُولٰٓئِكَ عَلَيْهِمْ لَعْنَةُ اللّٰهِ وَالْمَلٰٓئِكَةِ

وَالنَّاسِ أَجْمَعِيْنَ ﴿١٦١﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ لَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ الْعَذَابُ

وَلَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ ﴿١٦٢﴾ وَإِلٰهُكُمْ إِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ لَآ إِلٰهَ إِلَّا هُوَ الرَّحْمٰنُ

الرَّحِيْمُ ﴿١٦٣﴾ إِنَّ فِيْ خَلْقِ السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضِ وَاخْتِلَافِ الَّيْلِ

وَالنَّهَارِ وَالْفُلْكِ الَّتِيْ تَجْرِيْ فِي الْبَحْرِ بِمَا يَنْفَعُ النَّاسَ وَمَآ أَنْزَلَ

اللّٰهُ مِنَ السَّمَآءِ مِنْ مَّآءٍ فَأَحْيَا بِهِ الْأَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا

وَبَثَّ فِيْهَا مِنْ كُلِّ دَآبَّةٍ ۪ وَّتَصْرِيْفِ الرِّيٰحِ وَالسَّحَابِ

الْمُسَخَّرِ بَيْنَ السَّمَآءِ وَالْأَرْضِ لَأٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿١٦٤﴾

اُنهن تي سندن پالڻهار وٽان مهربانيون ۽ ٻاجه آهي، ۽ اِهي ئي سڌيءَ واٽ وارا آهن (١٥٧). صفا ۽ مروه (جبل) الله (جي عبادت) جي نشانين مان آهن، پوءِ جيڪو بيت الله جو حج ڪري يا عمرو تنهن کي ٻنهي جي طواف ڪرڻ ۾ ڪو گناه نه آهي- ۽ جيڪو وڌيڪ چڱائي ڪندو (تنهن جي الله قبول ڪندو) ڇو ته الله قبول ڪندڙ ڄاڻندڙ آهي (١٥٨). جيڪي پڌريون ڳالهيون ۽ هدايتون لاٿيون اٿئون تن کي جيڪي (ماڻهو) اُن کان پوءِ جو انهن کي ماڻهن لاءِ ڪتاب (توريت) ۾ بيان ڪيون سون، لڪائيندا آهن تن تي الله لعنت ڪندو آهي ۽ لعنت ڪندڙ (ٻه) انهن تي لعنت ڪندا آهن (١٥٩). پر جن توبه ڪئي ۽ (پاڻ) سڌاريائون ۽ (حق) بيان ڪيائون تن جي توبه قبول ڪندس، ۽ آءٌ ئي توبه قبول ڪندڙ مهربان آهيان (١٦٠). جن ڪفر ڪيو ۽ اُهي ڪافر ٿي مئا- تن تي الله ۽ ملائڪن ۽ مڙني ماڻهن جي لعنت آهي (١٦١). اُن (لعنت) ۾ سدائين رهڻ وارا آهن، کانئن عذاب هلڪو نه ڪبو ۽ نڪي کين مهلت ڏبي (١٦٢). ۽ اوهان جو خدا اڪيلو خدا آهي، ان کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق نه آهي (اُهو) ٻاجهارو مهربان آهي (١٦٣). آسمانن ۽ زمين جي بڻائڻ (۾) ۽ رات ۽ ڏينهن جي ڦير گهير (۾) ۽ ٻيڙين (۾) جي اُنهيءَ (سامان) سان، جو ماڻهن کي نفعو ڏيندو آهي درياءَ ۾ ترنديون آهن ۽ جيڪي آسمان کان (مينهن جو) پاڻي الله وسايو پوءِ اُن سان زمين کي ان جي غير آباد ٿيڻ کان پوءِ آباد ڪيائين ۽ اُن (زمين) ۾ سڀ جنس جا جانور پکيڙيائين، ۽ هوائن جي گهلڻ (۾) ۽ آسمانن ۽ زمين جي وچ ۾ نوايل ڪڪرن (۾) سمجهه واريءَ قوم لاءِ ضرور نشانيون آهن (١٦٤).

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّتَّخِذُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَنْدَادًا يُّحِبُّوْنَهُمْ كَحُبِّ
اللّٰهِ ؕ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَشَدُّ حُبًّا لِّلّٰهِ ؕ وَلَوْ يَرَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْٓا اِذْ
يَرَوْنَ الْعَذَابَ ۙ اَنَّ الْقُوَّةَ لِلّٰهِ جَمِيْعًا ۙ وَّاَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعَذَابِ ﴿۱۶۵﴾
اِذْ تَبَرَّاَ الَّذِيْنَ اتُّبِعُوْا مِنَ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْا وَرَاَوُا الْعَذَابَ وَ
تَقَطَّعَتْ بِهِمُ الْاَسْبَابُ ﴿۱۶۶﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْا لَوْ اَنَّ لَنَا كَرَّةً
فَنَتَبَرَّاَ مِنْهُمْ كَمَا تَبَرَّءُوْا مِنَّا ؕ كَذٰلِكَ يُرِيْهِمُ اللّٰهُ اَعْمَالَهُمْ
حَسَرٰتٍ عَلَيْهِمْ ؕ وَمَا هُمْ بِخٰرِجِيْنَ مِنَ النَّارِ ﴿۱۶۷﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ كُلُوْا
مِمَّا فِي الْاَرْضِ حَلٰلًا طَيِّبًا ۖ وَّلَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ؕ
اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿۱۶۸﴾ اِنَّمَا يَاْمُرُكُمْ بِالسُّوْٓءِ وَالْفَحْشَآءِ وَاَنْ
تَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۱۶۹﴾ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ اتَّبِعُوْا مَآ
اَنْزَلَ اللّٰهُ قَالُوْا بَلْ نَتَّبِعُ مَآ اَلْفَيْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا ؕ اَوَلَوْ كَانَ
اٰبَآؤُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ شَيْـًٔا وَّلَا يَهْتَدُوْنَ ﴿۱۷۰﴾ وَمَثَلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا
كَمَثَلِ الَّذِيْ يَنْعِقُ بِمَا لَا يَسْمَعُ اِلَّا دُعَآءً وَّنِدَآءً ؕ صُمٌّۢ بُكْمٌ
عُمْيٌ فَهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿۱۷۱﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ
مَا رَزَقْنٰكُمْ وَاشْكُرُوْا لِلّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ ﴿۱۷۲﴾

۽ ماڻهن مان ڪي (اهڙا) آهن جي الله کان سواءِ (ٻين کي) الله جهڙو ڪري وٺندا آهن الله جي پيار وانگر پيارو رکندا اٿن. ۽ جن ايمان آندو سي الله جي دوستيءَ ۾ ڏاڍا زور آهن. ۽ جن ظلم ڪيو سي جيڪڏهن (هن ڳالھ کي هاڻي) سمجهن ته جنهن مهل (قيامت جي ڏينهن) عذاب ڏسندا (۽ سمجهندا) ته سموري سگھ الله کي آهي ۽ الله سخت عذاب ڪرڻ وارو آهي (ته جيڪر ڏاڍا پشيمان ٿين!) (١٦٥). جنهن مهل اڳواڻ پوئلڳن کان بيزار ٿيندا ۽ عذاب کي ڏسندا ۽ سندن (سڀ) لاڳاپا ڇڄندا (١٦٦). ۽ (تنهن مهل) پوئلڳ چوندا ته جيڪر اسان کي (وري دنيا ۾) موٽڻو هجي ها ته کانئن ائين بيزار ٿيون ها جيئن اسان کان بيزار ٿيا آهن! اهڙيءَ طرح الله سندن ڪرتوتن کي مٿن حسرتون بڻائي ڏيکاريندو. ۽ اهي باھ مان نڪرڻ وارا نه آهن (١٦٧). اي انسانؤ! جيڪي شيون زمين ۾ آهن تن مان پاڪ حلال کائو ۽ شيطان جي وکن تي نه هلو ڇو ته اُهو اوهان جو پڌرو ويري آهي (١٦٨). (شيطان)رڳو اوهان کي بڇڙائيءَ ۽ بي حيائيءَ جو حڪم ڪري ٿو ۽ هيءُ ته جيڪي ڳالهيون نه ڄاڻندا آهيو سي الله جي نسبت ۾ چئو (١٦٩). ۽ جڏهن کين چئجي ٿو ته جيڪي الله (قرآن) لاٿو تنهن جي تابعداري ڪريو (تڏهن) چون ٿا ته (نه،) بلڪ جنهن تي پنهنجن ابن ڏاڏن کي ڏٺوسون تنهن جي پٺيان لڳندا سون. جيتوڻيڪ سندن ابا ڏاڏا ڪجھ به نه ڄاڻندا هئا ۽ نڪي سڌيءَ واٽ تي هئا (١٧٠). ۽ ڪافرن (کي سڏيندڙ) جو مثال اُن ماڻهوءَ جي مثال وانگر آهي جو اهڙيءَ شيءِ کي واڪو ڪري ٻڌائي جا رڙ ۽ ڪوڪ کان سواءِ (ڪجھ) نه ٻڌي (ڪافر) ٻوڙا، گونگا، انڌا آهن تنهنڪري اُهي (ڪجھ به) نه ٿا سمجهن (١٧١). اي مؤمنؤ! جيڪا اوهان کي روزي ڏني سون تنهن مان سٺيون شيون کائو ۽ جيڪڏهن اوهين خاص الله جي عبادت ڪندڙ آهيو ته سندس شڪرانو ڪريو (١٧٢).

اِنَّمَا حَرَّمَ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةَ وَالدَّمَ وَلَحْمَ الْخِنْزِيْرِ وَمَآ اُهِلَّ بِهٖ
لِغَيْرِ اللّٰهِ ۚ فَمَنِ اضْطُرَّ غَيْرَ بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ
غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۷۳﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْتُمُوْنَ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ مِنَ الْكِتٰبِ وَ
يَشْتَرُوْنَ بِهٖ ثَمَنًا قَلِيْلًا ۙ اُولٰٓئِكَ مَا يَاْكُلُوْنَ فِىْ بُطُوْنِهِمْ اِلَّا
النَّارَ وَلَا يُكَلِّمُهُمُ اللّٰهُ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَلَا يُزَكِّيْهِمْ ۖۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ
اَلِيْمٌ ﴿۱۷۴﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الضَّلٰلَةَ بِالْهُدٰى وَالْعَذَابَ
بِالْمَغْفِرَةِ ۚ فَمَآ اَصْبَرَهُمْ عَلَى النَّارِ ﴿۱۷۵﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ نَزَّلَ
الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ ؕ وَاِنَّ الَّذِيْنَ اخْتَلَفُوْا فِى الْكِتٰبِ لَفِىْ شِقَاقٍ
بَعِيْدٍ ﴿۱۷۶﴾ ع لَيْسَ الْبِرَّ اَنْ تُوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ قِبَلَ الْمَشْرِقِ وَ
الْمَغْرِبِ وَلٰكِنَّ الْبِرَّ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَالْمَلٰٓئِكَةِ
وَالْكِتٰبِ وَالنَّبِيّٖنَ ۚ وَاٰتَى الْمَالَ عَلٰى حُبِّهٖ ذَوِى الْقُرْبٰى
وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنَ وَابْنَ السَّبِيْلِ ۙ وَالسَّآئِلِيْنَ وَفِى
الرِّقَابِ ۚ وَاَقَامَ الصَّلٰوةَ وَاٰتَى الزَّكٰوةَ ۚ وَالْمُوْفُوْنَ بِعَهْدِهِمْ
اِذَا عٰهَدُوْا ۚ وَالصّٰبِرِيْنَ فِى الْبَاْسَآءِ وَالضَّرَّآءِ وَحِيْنَ
الْبَاْسِ ؕ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ صَدَقُوْا ؕ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُتَّقُوْنَ ﴿۱۷۷﴾

اوهان تي رڳو مردار ۽ رت ۽ سوئر جو گوشت ۽ جنهن شيءِ تي الله کان سواءِ ٻئي جو نالو پڪارجي سا حرام ڪيائين، پوءِ جيڪو لاچار ٿئي (۽ کائي) نه بي فرماني ڪندڙ هجي ۽ نڪي حد کان لنگهندڙ تنهن تي گناه نه آهي ڇو ته الله بخشڻهار مهربان آهي (١٧٣). الله ڪتاب مان جيڪي لاٿو سو، جيڪي ماڻهو لڪائيندا آهن ۽ ان جي بدلي ٿورو ملهه وٺندا آهن اهي پنهنجن پيٽن ۾ رڳي باهه کائيندا آهن. ۽ الله ساڻن قيامت جي ڏينهن نه ڳالهائيندو ۽ نڪي کين پاڪ ڪندو، ۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (١٧٤). اِهي (اُهي) آهن جن هدايت جي بدران گمراهي ۽ بخشش جي بدران عذاب ورتو، پوءِ عجب آهي ته کين (دوزخ جي) باهه تي ڪهڙيءَ (ڳالهه) صبر ڪرايو؟ (١٧٥). اهو هن ڪري (آهي) جو الله سچ سان ڪتاب (توريت) لاٿو- ۽ جن ڪتاب بابت اختلاف ڪيو سي ضرور وڏي ڦيٽي ۾ آهن (١٧٦). اوير ۽ اولهه ڏانهن اوهان جو پنهنجن منهن کي ڦيرائڻ ڪا نيڪي نه آهي پر (اصل) نيڪي (ان لاءِ) آهي جنهن الله ۽ قيامت جي ڏينهن ۽ ملائڪن ۽ ڪتابن ۽ پيغمبرن کي مڃيو، ۽ جنهن (ماڻهوءَ پنهنجو) مال ان سان محبت هوندي (به) مائٽن ۽ ڇورن (ٻارن) ۽ مسڪينن ۽ مسافرن ۽ سوال ڪندڙن کي ۽ ٻانهن جي گردنين (آزاد ڪرڻ) ۾ ڏنو، ۽ نماز پڙهيائين ۽ زڪوات ڏنائين ۽ (اُهي ماڻهو جي) جڏهن انجام ڪندا آهن ته پنهنجو انجام پاڙيندا آهن، ۽ سختيءَ ۽ ڏکيائي ۾ ۽ جنگ مهل صبر ڪرڻ وارا آهن- اهي سچا آهن- ۽ اهي ئي پرهيزگار آهن. (١٧٧).

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا كُتِبَ عَلَيۡكُمُ الۡقِصَاصُ فِى الۡقَتۡلٰى ؕ اَلۡحُرُّ
بِالۡحُـرِّ وَالۡعَبۡدُ بِالۡعَبۡدِ وَالۡاُنۡثٰى بِالۡاُنۡثٰى ؕ فَمَنۡ عُفِىَ لَهٗ مِنۡ اَخِيۡهِ
شَىۡءٌ فَاتِّبَاعٌ ۢ بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَاَدَآءٌ اِلَيۡهِ بِاِحۡسَانٍ ؕ ذٰلِكَ تَخۡفِيۡفٌ مِّنۡ
رَّبِّكُمۡ وَرَحۡمَةٌ ؕ فَمَنِ اعۡتَدٰى بَعۡدَ ذٰلِكَ فَلَهٗ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿۱۷۸﴾ ۚ وَ
لَـكُمۡ فِى الۡقِصَاصِ حَيٰوةٌ يّٰٓاُولِى الۡاَلۡبَابِ لَعَلَّكُمۡ تَتَّقُوۡنَ ﴿۱۷۹﴾
كُتِبَ عَلَيۡكُمۡ اِذَا حَضَرَ اَحَدَكُمُ الۡمَوۡتُ اِنۡ تَرَكَ خَيۡرَا ۖۚ ۟الۡوَصِيَّةُ
لِلۡوَالِدَيۡنِ وَالۡاَقۡرَبِيۡنَ بِالۡمَعۡرُوۡفِ ۚ حَقًّا عَلَى الۡمُتَّقِيۡنَ ﴿۱۸۰﴾ ؕ فَمَنۡ
بَدَّلَهٗ بَعۡدَمَا سَمِعَهٗ فَاِنَّمَآ اِثۡمُهٗ عَلَى الَّذِيۡنَ يُبَدِّلُوۡنَهٗ ؕ
اِنَّ اللّٰهَ سَمِيۡعٌ عَلِيۡمٌ ﴿۱۸۱﴾ ؕ فَمَنۡ خَافَ مِنۡ مُّوۡصٍ جَنَفًا اَوۡ اِثۡمًا
فَاَصۡلَحَ بَيۡنَهُمۡ فَلَاۤ اِثۡمَ عَلَيۡهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۱۸۲﴾ ع يٰۤاَيُّهَا
الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا كُتِبَ عَلَيۡكُمُ الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى الَّذِيۡنَ
مِنۡ قَبۡلِكُمۡ لَعَلَّكُمۡ تَتَّقُوۡنَ ﴿۱۸۳﴾ ۙ اَيَّامًا مَّعۡدُوۡدٰتٍ ؕ فَمَنۡ كَانَ
مِنۡكُمۡ مَّرِيۡضًا اَوۡ عَلٰى سَفَرٍ فَعِدَّةٌ مِّنۡ اَيَّامٍ اُخَرَ ؕ وَعَلَى
الَّذِيۡنَ يُطِيۡقُوۡنَهٗ فِدۡيَةٌ طَعَامُ مِسۡكِيۡنٍ ؕ فَمَنۡ تَطَوَّعَ خَيۡرًا
فَهُوَ خَيۡرٌ لَّهٗ ؕ وَاَنۡ تَصُوۡمُوۡا خَيۡرٌ لَّـكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۱۸۴﴾

اي مؤمنؤ! خون ٿيلن بابت اوهان تي (بدلي وٺڻ ۾)برابري لازم ڪئي وئي (جيئن ته) آزاد جي عيوض آزاد ٻانهي جي عيوض ٻانهو ۽ عورت جي عيوض عورت آهي پوءِ جنهن کي سندس ڀاءُ جي طرفان ڪجهه ڇڏيو وڃي ته پوءِ (خون جي بها وٺڻ ۾) چڱيءَ ريت سان (ان جي) پويان پوڻ گهرجي ۽ ان (وارث) ڏانهن (خون جي بها) چڱيءَ ريت سان پهچائڻ گهرجي. اِهو (حڪم) اوهان جي پالڻهار وٽان هلڪائي ۽ ٻاجهه آهي پوءِ جيڪو هن (حڪم) کانپوءِ زيادتي ڪندو تنهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (١٧٨). ۽ اي عقل وارؤ! اوهان لاءِ قصاص (وٺڻ) ۾ حياتي آهي ته مانَ اوهين پرهيزگار ٿيو (١٧٩). جڏهن اوهان مان (ڪنهن) هڪ کي موت ويجهو ٿئي (اُهو) جيڪڏهن (ڪجهه) مال ڇڏي ته تڏهن اوهان تي ماءُ پيءُ ۽ مائٽن لاءِ دستور موجب وصيت ڪرڻ لازم ڪئي وئي، اهو پرهيزگارن تي حق آهي (١٨٠). پوءِ جيڪو اُن (وصيت) کي اُن جي ٻڌڻ کان پوءِ ڦيرائيندو ته اُن (ڦيرائڻ) جو گناهه اُن جي ڦيرائيندڙن کان سواءِ ٻين تي نه آهي. ڇو ته الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (١٨١). پوءِ جيڪو وصيت ڪندڙ جي طرفداري يا گناهه ڄاڻي سو انهن (وارثن) جي وِچ ۾ پرچاءُ ڪري ته مٿس گناهه نه آهي ڇو ته الله بخشڻهار مهربان آهي (١٨٢). اي مؤمنؤ! جيئن اوهان کان اڳين تي (روزا) فرض ڪيا ويا هئا تيئن اوهان تي (به) روزا فرض ڪيا ويا آهن ته مانَ اوهين پرهيزگار ٿيو (١٨٣). (روزا) ڳڻيل ڏينهن آهن، پوءِ اوهان مان جيڪو بيمار (هجي) يا مسافريءَ تي هجي (تنهن تي) ٻين ڏينهن مان (اوترا روزا) ڳڻي رکڻ (لازم) آهي ۽ جن کي (مسڪين جي کاڌي ڏيڻ جي) سگهه آهي تن تي هڪ مسڪين جو کاڌو فديه (يعني فطراڻو ڏيڻ) لازم آهي پوءِ جيڪو چڱائي وڌيڪ ڪندو تنهن لاءِ اُها ڀلي آهي ۽ جيڪڏهن علم وارا آهيو (ته اوهين سمجهي چڪا هوندؤ) ته اوهان جو روزو رکڻ اوهان لاءِ ڀلو آهي (١٨٤).

شَهْرُ رَمَضَانَ الَّذِیْۤ اُنْزِلَ فِیْهِ الْقُرْاٰنُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَ
بَیِّنٰتٍ مِّنَ الْهُدٰى وَ الْفُرْقَانِ ۚ فَمَنْ شَهِدَ مِنْكُمُ الشَّهْرَ
فَلْیَصُمْهُ ؕ وَ مَنْ كَانَ مَرِیْضًا اَوْ عَلٰى سَفَرٍ فَعِدَّةٌ مِّنْ اَیَّامٍ اُخَرَ ؕ
یُرِیْدُ اللّٰهُ بِكُمُ الْیُسْرَ وَ لَا یُرِیْدُ بِكُمُ الْعُسْرَ ؗ وَ لِتُكْمِلُوا الْعِدَّةَ
وَ لِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ عَلٰى مَا هَدٰىكُمْ وَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۱۸۵﴾ وَ اِذَا
سَاَلَكَ عِبَادِیْ عَنِّیْ فَاِنِّیْ قَرِیْبٌ ؕ اُجِیْبُ دَعْوَةَ الدَّاعِ اِذَا
دَعَانِ فَلْیَسْتَجِیْبُوْا لِیْ وَ لْیُؤْمِنُوْا بِیْ لَعَلَّهُمْ یَرْشُدُوْنَ ﴿۱۸۶﴾
اُحِلَّ لَكُمْ لَیْلَةَ الصِّیَامِ الرَّفَثُ اِلٰى نِسَآىٕكُمْ ؕ هُنَّ
لِبَاسٌ لَّكُمْ وَ اَنْتُمْ لِبَاسٌ لَّهُنَّ ؕ عَلِمَ اللّٰهُ اَنَّكُمْ كُنْتُمْ
تَخْتَانُوْنَ اَنْفُسَكُمْ فَتَابَ عَلَیْكُمْ وَ عَفَا عَنْكُمْ ۚ فَالْـٰٔنَ
بَاشِرُوْهُنَّ وَ ابْتَغُوْا مَا كَتَبَ اللّٰهُ لَكُمْ ۪ وَ كُلُوْا وَ اشْرَبُوْا حَتّٰى
یَتَبَیَّنَ لَكُمُ الْخَیْطُ الْاَبْیَضُ مِنَ الْخَیْطِ الْاَسْوَدِ مِنَ الْفَجْرِ ۪
ثُمَّ اَتِمُّوا الصِّیَامَ اِلَى الَّیْلِ ۚ وَ لَا تُبَاشِرُوْهُنَّ وَ اَنْتُمْ
عٰكِفُوْنَ فِی الْمَسٰجِدِ ؕ تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ فَلَا تَقْرَبُوْهَا ؕ
كَذٰلِكَ یُبَیِّنُ اللّٰهُ اٰیٰتِهٖ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ یَتَّقُوْنَ ﴿۱۸۷﴾

رمضان جو مهينو اهڙو (ڀلو) آهي جنهن ۾ قرآن لاٿو ويو جو ماڻهن لاءِ سڌو رستو ڏيکاريندڙ آهي ۽ (اُن ۾) هدايت ڪرڻ ۽ (سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾) سَنڌي وجهڻ جون چٽيون ڳالهيون آهن، پوءِ اوهان مان جيڪو اُنهيءَ مهيني ۾ (گهر ۾) حاضر هجي تنهنکي اُن ۾ روزو رکڻ گهرجي ۽ جيڪو بيمار هجي يا سفر تي (هجي) تنهن کي ٻين ڏينهن مان (اوترو) ڳاڻاٽو (لازم) آهي. الله اوهان تي آساني ڪرڻ گهرندو آهي ۽ اوهان تي (ڪا) ڏکيائي ڪرڻ نہ گهرندو آهي ۽ (گهرندو آهي) تہ اوهين ڳڻپ پوري ڪريو ۽ جيڪا اوهان کي هدايت ڪيائين تنهن تي الله جي وڏائي بيان ڪندا رهو ۽ مانَ اوهين شڪرانو ڪريو (١٨٥). ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن منهنجا ٻانها توکان منهنجي پڇا ڪن (تڏهن چؤ) تہ آءٌ ويجهو آهيان جڏهن (ڪو) مون کي سڏي تہ تڏهن سڏيندڙ جو سڏ ورنايان ٿو تنهن ڪري منهنجو حڪم قبول ڪرڻ گهرجين ۽ مون تي ايمان آڻڻ گهرجين تہ مانَ اُهي سڌرن (١٨٦). روزي جي رات ۾ اوهان لاءِ پنهنجين زالن سان صحبت ڪرڻ حلال ڪئي وئي- (جو) اُهي اوهان جو ڍڪ آهن ۽ اوهين اُنهن جو ڍڪ آهيو. الله ڄاتو تہ اوهين پاڻ سان خيانت ڪندا هيؤ پوءِ اوهان تي (ٻاجھ سان) موٽيو ۽ اوهان کي معاف ڪيائين، پوءِ هاڻي ساڻن صحبت ڪريو ۽ الله اوهان لاءِ جيڪي (اولاد) لکيو آهي تنهن جي طلب ڪريو ۽ (ايستائين) کائو ۽ پيئو جيستائين ڪاري ڌاڳي کان ٻاڪ جو اڇو ڌاڳو اوهان لاءِ پڌرو ٿئي پوءِ روزو رات توڻي پورو ڪريو، ۽ جنهن حالت ۾ اوهين مسجدين ۾ اعتڪاف وارا هجو تہ اُنهن (زالن) سان صحبت نہ ڪريو. اهي الله جون حدون آهن پوءِ اُنهن کي ويجها نہ وڃو- اهڙيءَ طرح الله ماڻهن لاءِ پنهنجا حڪم پڌرا ڪندو آهي تہ مانَ اُهي پرهيزگار ٿين (١٨٧).

وَلَا تَاْكُلُوْٓا اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ وَتُدْلُوْا بِهَآ
اِلَى الْحُكَّامِ لِتَاْكُلُوْا فَرِيْقًا مِّنْ اَمْوَالِ النَّاسِ
بِالْاِثْمِ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۱۸۸﴾ يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْاَهِلَّةِ ؕ
قُلْ هِيَ مَوَاقِيْتُ لِلنَّاسِ وَالْحَجِّ ؕ وَلَيْسَ الْبِرُّ بِاَنْ
تَاْتُوا الْبُيُوْتَ مِنْ ظُهُوْرِهَا وَلٰكِنَّ الْبِرَّ مَنِ اتَّقٰى ۚ
وَاْتُوا الْبُيُوْتَ مِنْ اَبْوَابِهَا ۪ وَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ
تُفْلِحُوْنَ ﴿۱۸۹﴾ وَقَاتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ الَّذِيْنَ
يُقَاتِلُوْنَكُمْ وَلَا تَعْتَدُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ
الْمُعْتَدِيْنَ ﴿۱۹۰﴾ وَاقْتُلُوْهُمْ حَيْثُ ثَقِفْتُمُوْهُمْ وَاَخْرِجُوْهُمْ
مِّنْ حَيْثُ اَخْرَجُوْكُمْ وَالْفِتْنَةُ اَشَدُّ مِنَ الْقَتْلِ ۚ وَلَا
تُقٰتِلُوْهُمْ عِنْدَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ حَتّٰى يُقٰتِلُوْكُمْ
فِيْهِ ۚ فَاِنْ قٰتَلُوْكُمْ فَاقْتُلُوْهُمْ ؕ كَذٰلِكَ جَزَآءُ
الْكٰفِرِيْنَ ﴿۱۹۱﴾ فَاِنِ انْتَهَوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۹۲﴾
وَقٰتِلُوْهُمْ حَتّٰى لَا تَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّيَكُوْنَ الدِّيْنُ
لِلّٰهِ ؕ فَاِنِ انْتَهَوْا فَلَا عُدْوَانَ اِلَّا عَلَى الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۹۳﴾

۽ اوهين پنهنجا مال پاڻ ۾ ناحق سان نہ کائو ۽ اُن (مال) کي حاڪمن ڏانهن هن لاءِ (رشوت طور) نہ پهچايو تہ ماڻهن جي مال مان ڪجھ (ياڱو) ظلم سان کائو هن هوندي بہ جو اوهين ڄاڻندا آهيو (۱۸۸). (اي پيغمبر!) توکان چنڊن (يعني مهينن) بابت پڇن ٿا، چؤ تہ اهي ماڻهن ۽ حج لاءِ وقت مقرر ٿيل آهن ۽ نيڪي (هن ۾) نہ آهي تہ (احرام جي حالت ۾) گهرن ۾ سندن پٺين پاسن کان اچو، پر (اصل) نيڪي (اُنهيءَ لاءِ) آهي جيڪو (الله کان) ڊڄي، ۽ گهرن ۾ سندن درن کان اچو ۽ الله کان ڊڄو تہ مانَ اوهين ڇٽو (۱۸۹). جيڪي اوهان سان وڙهن تن سان الله جي واٽ ۾ وڙهو ۽ حد کان نہ لنگهو ڇو تہ الله حد کان لنگهندڙن کي پسند نہ ڪندو آهي (۱۹۰). ۽ جتي لهونِ اتي ڪهونِ ۽ جتان اوهان کي لوڏيائون اُتان لوڏيونِ ۽ فتنو (يعني شرڪ) ويڙھ کان ڏاڍو (بڇڙو) آهي ۽ اوهين مسجد حرام وٽ (ايسين) نہ وڙهونِ جيسين منجهس اوهان سان (نہ) وڙهن، پوءِ جيڪڏهن اوهان سان وڙهن تہ اُنهن کي ماريو- ڪافرن جي سزا ائين آهي (۱۹۱). ۽ جيڪڏهن بس ڪن (تہ اوهين بہ بس ڪريو) ڇو تہ الله بخشڻهار مهربان آهي (۱۹۲). ۽ ايستائين اُنهن سان وڙهو جيستائين فتنو (يعني شرڪ) نہ رهي ۽ خاص الله جو دين ٿئي- پوءِ جيڪڏهن بس ڪن تہ ظالمن کان سواءِ ڪنهين تي وڌيڪ زيادتي ڪرڻ نہ جڳائي (۱۹۳).

اَلشَّهْرُ الْحَرَامُ بِالشَّهْرِ الْحَرَامِ وَالْحُرُمٰتُ قِصَاصٌ ؕ فَمَنِ
اعْتَدٰى عَلَيْكُمْ فَاعْتَدُوْا عَلَيْهِ بِمِثْلِ مَا اعْتَدٰى عَلَيْكُمْ ۪
وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۹۴﴾ وَاَنْفِقُوْا فِيْ
سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلَا تُلْقُوْا بِاَيْدِيْكُمْ اِلَى التَّهْلُكَةِ ۛۚ وَاَحْسِنُوْا ۛۚ اِنَّ
اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۹۵﴾ وَاَتِمُّوا الْحَجَّ وَالْعُمْرَةَ لِلّٰهِ ؕ فَاِنْ
اُحْصِرْتُمْ فَمَا اسْتَيْسَرَ مِنَ الْهَدْيِ ۚ وَلَا تَحْلِقُوْا رُءُوْسَكُمْ حَتّٰى
يَبْلُغَ الْهَدْيُ مَحِلَّهٗ ؕ فَمَنْ كَانَ مِنْكُمْ مَّرِيْضًا اَوْ بِهٖٓ اَذًى مِّنْ
رَّاْسِهٖ فَفِدْيَةٌ مِّنْ صِيَامٍ اَوْ صَدَقَةٍ اَوْ نُسُكٍ ۚ فَاِذَآ اَمِنْتُمْ ۫
فَمَنْ تَمَتَّعَ بِالْعُمْرَةِ اِلَى الْحَجِّ فَمَا اسْتَيْسَرَ مِنَ الْهَدْيِ ۚ فَمَنْ
لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ ثَلٰثَةِ اَيَّامٍ فِي الْحَجِّ وَسَبْعَةٍ اِذَا رَجَعْتُمْ ؕ تِلْكَ
عَشَرَةٌ كَامِلَةٌ ؕ ذٰلِكَ لِمَنْ لَّمْ يَكُنْ اَهْلُهٗ حَاضِرِي الْمَسْجِدِ
الْحَرَامِ ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿۱۹۶﴾ اَلْحَجُّ
اَشْهُرٌ مَّعْلُوْمٰتٌ ۚ فَمَنْ فَرَضَ فِيْهِنَّ الْحَجَّ فَلَا رَفَثَ وَلَا فُسُوْقَ
وَلَا جِدَالَ فِي الْحَجِّ ؕ وَمَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ يَّعْلَمْهُ اللّٰهُ ؔ وَتَزَوَّدُوْا
فَاِنَّ خَيْرَ الزَّادِ التَّقْوٰى ۫ وَاتَّقُوْنِ يٰٓاُولِي الْاَلْبَابِ ﴿۱۹۷﴾

تعظيم وارو مهينو تعظيم واري مهيني جي بدلي آهي ۽ تعظيمون (هڪ ٻئي جون) آڙياڙ آهن- پوءِ جيڪو اوهان تي زيادتي ڪري تنهن تي اوتري زيادتي ڪريو جيتري اوهان تي زيادتي ڪيائين ۽ الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻو ته الله پرهيزگارن ساڻ آهي (١٩٤). ۽ الله جي واٽ ۾ خرچيو ۽ (پاڻ) کي پنهنجن هٿن سان هلاڪت ۾ نه وجهو، ۽ چڱائي ڪريو. ڇو ته الله چڱائي ڪندڙ کي دوست رکندو آهي (١٩٥). ۽ حج ۽ عمرو الله (جي راضپي) لاءِ پورو ڪريو- پوءِ جيڪڏهن روڪيا وڃو ته جا قرباني آسانيءَ سان لڀي (سا لازم آهي)- ۽ پنهنجا مٿا تيسين نه ڪوڙايو جيسين قرباني پنهنجيءَ جاءِ تي (نه) پهچي- پوءِ اوهان مان جيڪو بيمار هجي يا سندس مٿي ۾ تڪليف هجي (۽ وقت کان اڳيئي ڪوڙايائين) ته روزا يا خيرات يا قرباني عوض ڏيڻ (لازم) آهي، پوءِ جڏهن بي ڊَوا ٿيو تڏهن جيڪو فائدو وٺي (يعني) عمري کي حج سان (گڏي) سو جا قرباني آسانيءَ سان لهي (سا ڪري)، پوءِ جيڪو (قرباني) نه لهي (تنهن تي) حج (جي ڏينهن) ۾ ٽي ڏينهن روزا (لازم آهن) ۽ ست تڏهن جڏهن (سفر کان) موٽو- اِهي پورا ڏهه (روزا) آهن- اهو (حڪم) اُنهيءَ لاءِ آهي جنهن جو ڪٽنب مسجد حرام جي ويجهو رهندڙ نه هجي- ۽ الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻو ته الله سخت عذاب ڪندڙ آهي (١٩٦). حج (جو وقت) ڄاتل مهينا آهن، پوءِ جنهن (احرام ٻڌڻ سان پاڻ تي) حج فرض ڪيو ته حج ۾ نه جماع جائز آهي ۽ نه گار ۽ نه جهيڙو- ۽ جيڪا چڱائي ڪريو ٿا تنهن کي الله ڄاڻندڙ آهي- ۽ سمر کڻو ڇو ته ڀلو سمر پرهيزگاري آهي ۽ اي عقل وارؤ! مون کان ڊڄو (١٩٧).

لَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَبْتَغُوْا فَضْلًا مِّنْ رَّبِّكُمْ ؕ
فَاِذَآ اَفَضْتُمْ مِّنْ عَرَفٰتٍ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ عِنْدَ
الْمَشْعَرِ الْحَرَامِ ۪ وَاذْكُرُوْهُ كَمَا هَدٰىكُمْ ۚ وَاِنْ
كُنْتُمْ مِّنْ قَبْلِهٖ لَمِنَ الضَّآلِّيْنَ ﴿۱۹۸﴾ ثُمَّ اَفِيْضُوْا مِنْ
حَيْثُ اَفَاضَ النَّاسُ وَاسْتَغْفِرُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ
غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۹۹﴾ فَاِذَا قَضَيْتُمْ مَّنَاسِكَكُمْ
فَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَذِكْرِكُمْ اٰبَآءَكُمْ اَوْ اَشَدَّ ذِكْرًا ؕ فَمِنَ
النَّاسِ مَنْ يَّقُوْلُ رَبَّنَآ اٰتِنَا فِى الدُّنْيَا وَمَا
لَهٗ فِى الْاٰخِرَةِ مِنْ خَلَاقٍ ﴿۲۰۰﴾ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّقُوْلُ
رَبَّنَآ اٰتِنَا فِى الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِى الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّ
قِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۲۰۱﴾ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ نَصِيْبٌ مِّمَّا كَسَبُوْا ؕ
وَاللّٰهُ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿۲۰۲﴾ وَاذْكُرُوا اللّٰهَ فِيْٓ
اَيَّامٍ مَّعْدُوْدٰتٍ ؕ فَمَنْ تَعَجَّلَ فِيْ يَوْمَيْنِ فَلَآ اِثْمَ
عَلَيْهِ ۚ وَمَنْ تَاَخَّرَ فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ ۙ لِمَنِ
اتَّقٰى ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿۲۰۳﴾

(حج ۾) پنهنجي پالڻهار کان روزيءَ گهرڻ ۾ اوهان تي ڪو گناهه ڪونهي. پوءِ جڏهن عرفات کان موٽو تڏهن مشعرالحرام (يعني مزدلفه) وٽ الله کي ياد ڪريو ۽ جيئن اوهان کي سڌو رستو ڏيکاريائين تيئن اوهين به ڪيس ياد ڪيو- ۽ بيشڪ اُن کان اڳ (اوهين) اڻڄاڻن مان هيؤ (١٩٨). پوءِ (اوهين) اُتان (عرفات کان) موٽو جتان عام ماڻهو موٽن ٿا ۽ الله کان بخشش گهرو ڇو ته الله بخشڻهار مهربان آهي (١٩٩). پوءِ جڏهن پنهنجي حج جا اَرڪان پورا ڪريو تڏهن (منيٰ ۾) اوهين پنهنجي اَبن ڏاڏن جي ياد ڪرڻ وانگر بلڪ (اُن کان به وڌيڪ) گهڻي قدر الله کي ياد ڪريو. پوءِ ماڻهن مان ڪي (اهڙا) آهن جي چوندا آهن ته اي اسان جا پالڻهار! اسان کي دنيا ۾ (ئي ڇڱائي) ڏي تن کي آخرت ۾ (ڪا) ڇڱائي نصيب نه آهي (٢٠٠). ۽ منجهائن ڪي (اهڙا) آهن جي چوندا آهن ته اي اسان جا پالڻهار! اسان کي دنيا ۾ (به) ڇڱائي ۽ آخرت ۾ (به) ڇڱائي ڏي ۽ اسان کي باهه جي عذاب کان بچاءِ! (٢٠١). انهن لاءِ جيڪي ڪمايائون تنهن مان نصيب آهي- ۽ الله سگهو حساب ڪندڙ آهي (٢٠٢). ۽ (مِنيٰ وارن) ڳڻيلن ڏينهن ۾ الله کي ياد ڪريو- پوءِ جيڪو ٻن ڏينهن ۾ تڪڙو نڪري تنهن تي گناهه ڪونهي، ۽ جيڪو دير ڪري تنهن تي (به) گناهه نه آهي (اهو حڪم) ان لاءِ آهي جيڪو پرهيزگاري ڪري- ۽ الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻو ته اوهين ڏانهنس گڏ ڪيا ويندؤ (٢٠٣).

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يُّعْجِبُكَ قَوْلُهٗ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَيُشْهِدُ
اللّٰهَ عَلٰى مَا فِيْ قَلْبِهٖ ۙ وَهُوَ اَلَدُّ الْخِصَامِ ﴿۲۰۴﴾ وَاِذَا تَوَلّٰى سَعٰى
فِي الْاَرْضِ لِيُفْسِدَ فِيْهَا وَيُهْلِكَ الْحَرْثَ وَالنَّسْلَ ؕ وَاللّٰهُ
لَا يُحِبُّ الْفَسَادَ ﴿۲۰۵﴾ وَاِذَا قِيْلَ لَهُ اتَّقِ اللّٰهَ اَخَذَتْهُ
الْعِزَّةُ بِالْاِثْمِ فَحَسْبُهٗ جَهَنَّمُ ؕ وَلَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿۲۰۶﴾ وَمِنَ
النَّاسِ مَنْ يَّشْرِيْ نَفْسَهُ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ ؕ وَ
اللّٰهُ رَءُوْفٌ ۢ بِالْعِبَادِ ﴿۲۰۷﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا
ادْخُلُوْا فِي السِّلْمِ كَآفَّةً ۪ وَلَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ
الشَّيْطٰنِ ؕ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿۲۰۸﴾ فَاِنْ زَلَلْتُمْ مِّنْۢ
بَعْدِ مَا جَآءَتْكُمُ الْبَيِّنٰتُ فَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ
حَكِيْمٌ ﴿۲۰۹﴾ هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ يَّاْتِيَهُمُ اللّٰهُ فِيْ
ظُلَلٍ مِّنَ الْغَمَامِ وَالْمَلٰٓئِكَةُ وَقُضِيَ الْاَمْرُ ؕ
وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿۲۱۰﴾ ع سَلْ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ كَمْ
اٰتَيْنٰهُمْ مِّنْ اٰيَةٍ ۢ بَيِّنَةٍ ؕ وَمَنْ يُّبَدِّلْ نِعْمَةَ اللّٰهِ
مِنْ ۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُ فَاِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿۲۱۱﴾

۽ ماڻهن مان ڪو (اهڙو) آهي جو سندس ڳالهائڻ دنيا جي حياتي ۾ توکي عجب ۾ وجهندو آهي ۽ جيڪي سندس دل ۾ آهي تنهن تي الله کي شاهد ڪندو آهي هن هوندي به جو اُهو وڏو جهڳڙالو آهي (٢٠٤). ۽ جڏهن توکان موٽندو آهي تڏهن ملڪ ۾ هن لاءِ ڪوشش ڪندو آهي ته منجهس فساد وجهي ۽ پوک ۽ نسل ناس ڪري، ۽ الله فساد کي پسند نه ڪندو آهي (٢٠٥). ۽ جڏهن اُن کي چئبو آهي ته الله کان ڊڄ تڏهن وڏائي کيس گناه تي آڪڙائيندي آهي پوءِ کيس (سزا) دوزخ ڪافي آهي. ۽ اُهو يقيناً بڇڙو هنڌ آهي (٢٠٦). ماڻهن مان ڪو اهڙو آهي جو الله جي راضپي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ کي وڪڻندو آهي- ۽ الله ٻانهن تي مهربان آهي (٢٠٧). اي ايمان وارؤ! پورا اسلام ۾ داخل ٿيو ۽ شيطان جي وکن تي نه هلو ڇو ته اُهو اوهان جو پڌرو ويري آهي (٢٠٨). پوءِ جيڪڏهن اوهين اُن کان پوءِ جو اوهان وٽ چٽا دليل آيا (اسلام کان) ٿڙندؤ ته ڄاڻو ته الله غالب حڪمت وارو آهي (٢٠٩). (ڪافر) هن کان سواءِ انتظار نه ڪندا آهن ته الله (جو عذاب) جُهڙ جي ڇانئن ۾ وٽن اچي ۽ ملائڪ (به) ۽ ڪم پورو ڪيو وڃي- ۽ الله ڏانهن سڀ ڪم موٽايا ويندا آهن (٢١٠). (اي پيغمبر!) بني اسرائيل کان پڇا ڪر ته ڪيترين چٽين نشانيون ڏنيون سون! ۽ جيڪو الله جي نعمت کي پاڻ وٽ اچڻ کان پوءِ مٽائيندو ته بيشڪ الله سخت عذاب ڪندڙ آهي (٢١١).

زُيِّنَ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا وَيَسْخَرُوْنَ مِنَ الَّذِيْنَ
اٰمَنُوْا ۘ وَالَّذِيْنَ اتَّقَوْا فَوْقَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ وَاللّٰهُ يَرْزُقُ
مَنْ يَّشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿۲۱۲﴾ كَانَ النَّاسُ اُمَّةً وَّاحِدَةً ۟ قف
فَبَعَثَ اللّٰهُ النَّبِيّٖنَ مُبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ ۪ وَاَنْزَلَ مَعَهُمُ
الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ لِيَحْكُمَ بَيْنَ النَّاسِ فِيْمَا اخْتَلَفُوْا
فِيْهِ ؕ وَمَا اخْتَلَفَ فِيْهِ اِلَّا الَّذِيْنَ اُوْتُوْهُ مِنْۢ بَعْدِ مَا
جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنٰتُ بَغْيًۢا بَيْنَهُمْ ۚ فَهَدَى اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا
لِمَا اخْتَلَفُوْا فِيْهِ مِنَ الْحَقِّ بِاِذْنِهٖ ؕ وَاللّٰهُ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ
اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۲۱۳﴾ اَمْ حَسِبْتُمْ اَنْ تَدْخُلُوا الْجَنَّةَ وَ
لَمَّا يَاْتِكُمْ مَّثَلُ الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلِكُمْ ؕ مَسَّتْهُمُ
الْبَاْسَآءُ وَالضَّرَّآءُ وَزُلْزِلُوْا حَتّٰى يَقُوْلَ الرَّسُوْلُ
وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ مَتٰى نَصْرُ اللّٰهِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ نَصْرَ اللّٰهِ
قَرِيْبٌ ﴿۲۱۴﴾ يَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَا يُنْفِقُوْنَ ؕ قُلْ مَاۤ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ
خَيْرٍ فَلِلْوَالِدَيْنِ وَالْاَقْرَبِيْنَ وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَابْنِ
السَّبِيْلِ ؕ وَمَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِيْمٌ ﴿۲۱۵﴾

ڪافرن لاءِ دنيا جي حياتي سينگاري ويئي ۽ مومنن سان ٺٺوليون ڪندا آهن ۽ جيڪي پرهيزگار آهن سي قيامت جي ڏينهن اُنهن (ڪافرن) جي مٿان هوندا۔ ۽ الله جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي اَڻ ڳڻي روزي ڏيندو آهي (۲۱۲). سڀ ماڻهو هڪ ٽولي هئا پوءِ (قري اِختلاف ۾ پيا تنهن ڪري) الله پيغمبرن کي خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو ۽ ساڻن سچ سان ڪتاب هن لاءِ لاٿائين ته (اُهوڪتاب) ماڻهن جي وچ ۾ جنهن (ڳالھ) بابت جهڳڙو ڪندا آهن (تنهن بابت) نبيرو ڪري۔ ۽ اُنهيءَ بابت (ٻئي ڪنهن ٻه) تڪرار نه ڪيو پر جن کي اُهو (ڪتاب) ڏنو ويو تن پڌرن حڪمن اچڻ کان پوءِ پاڻ ۾ ساڙ پيل سببان (تڪرار ڪيو) پوءِ الله اُها سچي ڳالھ جنهن بابت جهڳڙو ڪيائون تنهن ڏانهن پنهنجي حڪم سان مؤمنن کي سڌو رستو ڏيکاريو۔ ۽ الله جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي سڌو رستو ڏيکاريندو آهي (۲۱۳). (اي مسلمانؤ! اوهين) هن هوندي ٻه بهشت ۾ گهڙڻ جو گمان ڪندا آهيو ڇا؟ جو اڃا اوهان تي اُنهن واري حالت نه آئي آهي جيڪي اوهان کان اڳ گذريا۔ جن کي سختائي ۽ ڏک پهتو ۽ ايستائين لوڏيا ويا جيستائين پيغمبر ۽ جي مؤمن ساڻس هئا (تن دعا گهري) چيو ته الله جي مدد ڪڏهن پهچندي (چيو وين ته) هوشيار رهو! الله جي مدد ويجهي آهي (۲۱۴). (اي پيغمبر) توکان پڇن ٿا ته (اُهي) ڇا خرچين؟ (کين) چؤ ته جيڪو مال خرچيو، سو ماءُ پيءُ ۽ مائٽن ۽ ڇورن (ٻارن) ۽ مسڪينن ۽ مسافرن کي (ڏيڻ جڳائي)۔ ۽ جيڪا چڱائي ڪندؤ (سا لهندؤ) ڇو ته الله انکي ڄاڻندڙ آهي (۲۱۵).

كُتِبَ عَلَيۡكُمُ الۡقِتَالُ وَهُوَ كُرۡهٌ لَّكُمۡ ۚ وَعَسٰۤى اَنۡ تَكۡرَهُوۡا شَيۡـًٔا
وَّهُوَ خَيۡرٌ لَّكُمۡ ۚ وَعَسٰۤى اَنۡ تُحِبُّوۡا شَيۡـًٔا وَّهُوَ شَرٌّ لَّكُمۡ ؕ وَاللّٰهُ
يَعۡلَمُ وَاَنۡتُمۡ لَا تَعۡلَمُوۡنَ ۝۲۱۶ يَسۡـَٔلُوۡنَكَ عَنِ الشَّهۡرِ الۡحَرَامِ
قِتَالٍ فِيۡهِ ؕ قُلۡ قِتَالٌ فِيۡهِ كَبِيۡرٌ ؕ وَصَدٌّ عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ وَ
كُفۡرٌۢ بِهٖ وَالۡمَسۡجِدِ الۡحَرَامِ ۚ وَاِخۡرَاجُ اَهۡلِهٖ مِنۡهُ اَكۡبَرُ عِنۡدَ
اللّٰهِ ۚ وَالۡفِتۡنَةُ اَكۡبَرُ مِنَ الۡقَتۡلِ ؕ وَلَا يَزَالُوۡنَ يُقَاتِلُوۡنَكُمۡ
حَتّٰى يَرُدُّوۡكُمۡ عَنۡ دِيۡنِكُمۡ اِنِ اسۡتَطَاعُوۡا ؕ وَمَنۡ يَّرۡتَدِدۡ
مِنۡكُمۡ عَنۡ دِيۡنِهٖ فَيَمُتۡ وَهُوَ كَافِرٌ فَاُولٰٓـئِكَ حَبِطَتۡ
اَعۡمَالُهُمۡ فِى الدُّنۡيَا وَالۡاٰخِرَةِ ۚ وَاُولٰٓـئِكَ اَصۡحٰبُ النَّارِ ۚ
هُمۡ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ۝۲۱۷ اِنَّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَالَّذِيۡنَ هَاجَرُوۡا
وَجٰهَدُوۡا فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ ۙ اُولٰٓـئِكَ يَرۡجُوۡنَ رَحۡمَتَ اللّٰهِ ؕ
وَاللّٰهُ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ۝۲۱۸ يَسۡـَٔلُوۡنَكَ عَنِ الۡخَمۡرِ وَالۡمَيۡسِرِ ؕ
قُلۡ فِيۡهِمَاۤ اِثۡمٌ كَبِيۡرٌ وَّمَنَافِعُ لِلنَّاسِ وَاِثۡمُهُمَاۤ اَكۡبَرُ
مِنۡ نَّفۡعِهِمَا ؕ وَيَسۡـَٔلُوۡنَكَ مَاذَا يُنۡفِقُوۡنَ ؕ قُلِ الۡعَفۡوَ ؕ
كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الۡاٰيٰتِ لَعَلَّكُمۡ تَتَفَكَّرُوۡنَ ۝۲۱۹

(اي مؤمنؤ) اوهان تي (ڪافرن سان) ويڙهه ڪرڻ فرض ڪئي ويئي آهي ۽ اُها اوهان کي ناپسند لڳندي آهي ۽ شايد (اوهين) ڪنهن شيءِ کي ناپسند ڀانيو ۽ (حقيقت ڪري) اُها اوهان لاءِ ڀلي هجي- ۽ شايد ڪنهن شيءِ کي پيارو رکو ۽ اُها اوهان لاءِ بڇڙي هجي- ۽ الله ڄاڻندو آهي ۽ اوهين نہ ڄاڻندا آهيو (٢١٦). (اي پيغمبر!) تو کان عزت وارن مهينن ۾ جنگ بابت پڇن ٿا. چؤ تہ منجهن ويڙهه ڪرڻ وڏو گناهه آهي ۽ الله جي واٽ کان جهلڻ ۽ الله کي نہ مڃڻ ۽ مسجد حرام کان روڪڻ ۽ سندس رهڻ وارن کي منجهانئس لوڏڻ الله وٽ (اُن کان) تمام وڏو گناهه آهي، ۽ فتنو (يعني شرڪ) خون ڪرڻ کان بلڪل وڏو ڏوهه آهي- ۽ (ڪافر) جيڪڏهن پڄي سگهندا تہ اوهان سان ايستائين سدائين پيا وڙهندا جيستائين اوهان کي اوهان جي دين (اسلام) کان ڦيرائين- ۽ اوهان مان جيڪي پنهنجي دين کان ڦرندا پوءِ اُهي ڪافر ٿي مرندا تن جي ڪئي ڪمائي دنيا ۽ آخرت ۾ ڇٽ ٿي ويئي ۽ اهي دوزخي آهن، اُهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن (٢١٧). جن ايمان آندو ۽ جن الله جي واٽ ۾ وطن ڇڏيو ۽ جهاد ڪيو سي الله جي ٻاجهه جا اميدوار آهن- ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (٢١٨). (اي پيغمبر) تو کان شراب ۽ جُؤا بابت پڇن ٿا، چؤ تہ اُنهن ۾ وڏو گناهه ۽ ماڻهن لاءِ (ڪجهه) فائدا آهن* ۽ سندن فائدي کان اُنهن جو گناهه تمام وڏو آهي- ۽ (پڻ) توکان پڇن ٿا تہ (اُهي خيرات ۾) ڇا خرچ ڪن؟ چؤ تہ (گهرج کان) وڌيڪ (بچت خرچيو)- اهڙيءَ طرح الله اوهان لاءِ آيتون بيان ڪندو آهي تہ مان َاوهين سوچو (٢١٩).

---

* يعني دنيوي فائدا، جو ڪجهه مال هٿ اچيو وڃي، سو اهڙي فائدي جو خيال ئي نہ ڪجي، ڇو تہ سندس گناهه بہ وڏو آهي ۽ نقصان بہ گهڻا، جو الله جي ياد ۽ نماز روزي کان روڪين، دشمني ڪينو وڌائين، مال برباد ڪن... هيءَ تمهيد آهي اڳتي هلي ڪين صراحتہ حرام قرار ڏيڻ لاءِ. (ڏسو تفسير فتح الرحمان، تفسير الميسر).

فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ؕ وَيَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْيَتٰمٰى ؕ قُلْ اِصْلَاحٌ
لَّهُمْ خَيْرٌ ؕ وَاِنْ تُخَالِطُوْهُمْ فَاِخْوَانُكُمْ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ الْمُفْسِدَ
مِنَ الْمُصْلِحِ ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَاَعْنَتَكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۲۲۰﴾
وَلَا تَنْكِحُوا الْمُشْرِكٰتِ حَتّٰى يُؤْمِنَّ ؕ وَلَاَمَةٌ مُّؤْمِنَةٌ خَيْرٌ مِّنْ
مُّشْرِكَةٍ وَّلَوْ اَعْجَبَتْكُمْ ۚ وَلَا تُنْكِحُوا الْمُشْرِكِيْنَ حَتّٰى يُؤْمِنُوْا ؕ
وَلَعَبْدٌ مُّؤْمِنٌ خَيْرٌ مِّنْ مُّشْرِكٍ وَّلَوْ اَعْجَبَكُمْ ؕ اُولٰٓئِكَ
يَدْعُوْنَ اِلَى النَّارِ ۖۚ وَاللّٰهُ يَدْعُوْٓا اِلَى الْجَنَّةِ وَالْمَغْفِرَةِ
بِاِذْنِهٖ ۚ وَيُبَيِّنُ اٰيٰتِهٖ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿۲۲۱﴾ ع وَ
يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْمَحِيْضِ ؕ قُلْ هُوَ اَذًى ۙ فَاعْتَزِلُوا النِّسَآءَ فِي
الْمَحِيْضِ ۙ وَلَا تَقْرَبُوْهُنَّ حَتّٰى يَطْهُرْنَ ۚ فَاِذَا تَطَهَّرْنَ فَاْتُوْهُنَّ
مِنْ حَيْثُ اَمَرَكُمُ اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيْنَ وَيُحِبُّ
الْمُتَطَهِّرِيْنَ ﴿۲۲۲﴾ نِسَآؤُكُمْ حَرْثٌ لَّكُمْ ص فَاْتُوْا حَرْثَكُمْ اَنّٰى شِئْتُمْ ز
وَقَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ مُّلٰقُوْهُ ؕ وَ
بَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۲۲۳﴾ وَلَا تَجْعَلُوا اللّٰهَ عُرْضَةً لِّاَيْمَانِكُمْ اَنْ
تَبَرُّوْا وَتَتَّقُوْا وَتُصْلِحُوْا بَيْنَ النَّاسِ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۲۲۴﴾

دنيا ۽ آخرت (جي ڪمن) ۾. ۽ (اي پيغمبر!) توکان يتيمن بابت پڇن ٿا- چؤ تہ اُنهن لاءِ سڌار ڀلي آهي ۽ جيڪڏهن کين (کاڌي پيتي ۾ پاڻ سان) گڏيو تہ اوهان جا ڀائر آهن- ۽ الله بگاڙيندڙ کي سڌاريندڙ کان ڄاڻندو آهي- ۽ جيڪڏهن الله گهري ها تہ اوهان کي سختيءَ ۾ وجهي ها- ڇو تہ الله غالب حڪمت وارو آهي (٢٢٠). ۽ (اي مسلمانؤ! ايستائين) مشرڪياڻين کي نہ پرڻجو جيستائين ايمان آڻين- ۽ بيشڪ مومنياڻي ٻانهي مشرڪياڻيءَ کان ڀلي آهي جيتوڻيڪ اوهان کي (مشرڪياڻي) زياده وڻي، ۽ اوهين (ايسين) مشرڪن کي نہ پرڻايو جيسين ايمان آڻين، ۽ بيشڪ مؤمن ٻانهو (آزاد) مشرڪ کان ڀلو آهي جيتوڻيڪ اوهان کي (مشرڪ) زياده وڻي- اهي (مشرڪ) باه ڏانهن سڏيندا آهن ۽ الله پنهنجي ارادي موجب بهشت ۽ بخشش ڏانهن سڏيندو آهي ۽ پنهنجون آيتون ماڻهن لاءِ بيان ڪندو آهي تہ مانَ اُهي نصيحت وٺن (٢٢١). ۽ (اي پيغمبر!) توکان حيض (جي حڪم) بابت پڇن ٿا- چؤ تہ اُها پليتي آهي تنهن ڪري زالن کان حيض ۾ پري ٿيو ۽ ايستائين کين ويجها نہ وڃو جيستائين پاڪ ٿين، پوءِ جڏهن بلڪل پاڪ ٿين تڏهن جنهن واٽ کان الله اوهان کي موڪل ڏني آهي (اُنهيءَ کان) اُنهن ڏانهن اچو- بيشڪ الله توبہ ڪندڙن کي دوست رکندو آهي ۽ (پڻ) پاڪائي ڪندڙن کي دوست رکندو آهي (٢٢٢). اوهان جون زالون اوهان لاءِ پوک آهن، پوءِ پنهنجي پوک ڏانهن جيئن وڻيوَ تيئن اچو، ۽ پاڻ لاءِ (چڱا ڪم) اڳي موڪليو، ۽ الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻو تہ اوهين ساڻس ملندڙ آهيو ۽ مؤمنن کي خوشخبري ڏي (٢٢٣). ۽ اوهين پنهنجن قسمن لاءِ چڱائيءَ ڪرڻ ۽ پرهيزگاري ڪرڻ ۽ ماڻهن جي وچ ۾ صلح ڪرائڻ کان (پاسو ڪرڻ واسطي) الله جو اسم پيش نہ ڪريو- ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٢٢٤).

لَا يُؤَاخِذُكُمُ اللّٰهُ بِاللَّغْوِ فِيْٓ اَيْمَانِكُمْ وَلٰكِنْ يُّؤَاخِذُكُمْ
بِمَا كَسَبَتْ قُلُوْبُكُمْ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿۲۲۵﴾ لِلَّذِيْنَ يُؤْلُوْنَ
مِنْ نِّسَآئِهِمْ تَرَبُّصُ اَرْبَعَةِ اَشْهُرٍ ۚ فَاِنْ فَآءُوْ فَاِنَّ اللّٰهَ
غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۲۲۶﴾ وَاِنْ عَزَمُوا الطَّلَاقَ فَاِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ
عَلِيْمٌ ﴿۲۲۷﴾ وَالْمُطَلَّقٰتُ يَتَرَبَّصْنَ بِاَنْفُسِهِنَّ ثَلٰثَةَ قُرُوْٓءٍ ؕ وَلَا
يَحِلُّ لَهُنَّ اَنْ يَّكْتُمْنَ مَا خَلَقَ اللّٰهُ فِيْٓ اَرْحَامِهِنَّ اِنْ كُنَّ
يُؤْمِنَّ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ وَبُعُوْلَتُهُنَّ اَحَقُّ بِرَدِّهِنَّ فِيْ
ذٰلِكَ اِنْ اَرَادُوْٓا اِصْلَاحًا ؕ وَلَهُنَّ مِثْلُ الَّذِيْ عَلَيْهِنَّ
بِالْمَعْرُوْفِ ۪ وَلِلرِّجَالِ عَلَيْهِنَّ دَرَجَةٌ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ
حَكِيْمٌ ﴿۲۲۸﴾ ع اَلطَّلَاقُ مَرَّتٰنِ ۪ فَاِمْسَاكٌۢ بِمَعْرُوْفٍ اَوْ
تَسْرِيْحٌۢ بِاِحْسَانٍ ؕ وَلَا يَحِلُّ لَكُمْ اَنْ تَاْخُذُوْا مِمَّآ
اٰتَيْتُمُوْهُنَّ شَيْـًٔا اِلَّآ اَنْ يَّخَافَآ اَلَّا يُقِيْمَا حُدُوْدَ اللّٰهِ ؕ
فَاِنْ خِفْتُمْ اَلَّا يُقِيْمَا حُدُوْدَ اللّٰهِ ۙ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَا
فِيْمَا افْتَدَتْ بِهٖ ؕ تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ فَلَا تَعْتَدُوْهَا ۚ
وَمَنْ يَّتَعَدَّ حُدُوْدَ اللّٰهِ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۲۲۹﴾

الله اوهان کي اوهان جي اجاين قسمن کڻڻ ۾ نہ وٺ ڪندو آهي پر اوهان جي دلين جيڪا نيت ڪئي آهي تنهن تي پڪڙيندو آهي- ۽ الله بخشڻهار بردبار آهي (٢٢٥). جيڪي پنهنجين زالن (جي صحبت) کان قسم کڻن تن کي چار مهينا ترسڻو آهي- پوءِ جيڪڏهن (اُنهن ڏانهن اُن وقت ۾) موٽيا تہ (ڀلي موٽن) چو تہ الله بخشڻهار مهربان آهي (٢٢٦). ۽ جيڪڏهن طلاق جو پڪو ارادو ڪيائون (تہ ڀلي ڪن) چو تہ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٢٢٧). ۽ طلاق ڏنل زالون پاڻ کي (ٻئي نڪاح ڪرڻ کان) ٽي حيض جهلين- ۽ جيڪڏهن الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃينديون آهن تہ الله سندين پيٽن ۾ جيڪي (ٻار يا حيض) پيدا ڪيو آهي سو ڪين لڪائڻ روا نہ آهي ۽ اُن (مدت) ۾ سندن مڙس جيڪڏهن سڌارو گهرن تہ سندن موٽائڻ جا وڌيڪ حقدار آهن- ۽ جهڙا (مڙسن جا حق) انهن (زالن) تي آهن تهڙا اُنهن (زالن) جا (حق مڙسن تي) چڱيءَ ريت سان آهن، ۽ مڙسن کي مٿن وڏو مانُ (يعني حڪومت) آهي- ۽ الله غالب حڪمت وارو آهي (٢٢٨). طلاق (رجعي پورا) ٻہ ڀيرا آهي پوءِ چڱيءَ طرح سان جهلڻ يا احسان سان ڇڏڻ (لازم) آهي- ۽ جيڪي ڪين ڏنو اٿو تنهن مان ڪجهہ (ورائي) وٺڻ اوهان کي هن (حالت) کان سواءِ حلال نہ آهي جو ٻئي الله جي حدن کي نہ پوري ڪرڻ کان ڊڄن- پوءِ جيڪڏهن (اي مسلمانؤ) اوهين ڊڄو تہ ٻئي الله جي حدن کي پورو ڪري نہ سگهندا تہ (زال) جيڪا شيءِ عيوض ۾ ڏئي تنهن (جي ڏيڻ وٺڻ) ۾ ٻنهي تي گناه نہ آهي- اهي الله جون حدون آهن اُنهن کان لنگهي نہ وڃو، ۽ جيڪي الله جي حدن کان لنگهي ويندا سي ظالم آهن (٢٢٩).

فَاِنْ طَلَّقَهَا فَلَا تَحِلُّ لَهٗ مِنْۢ بَعْدُ حَتّٰى تَنْكِحَ
زَوْجًا غَيْرَهٗ ؕ فَاِنْ طَلَّقَهَا فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَاۤ اَنْ
يَّتَرَاجَعَاۤ اِنْ ظَنَّاۤ اَنْ يُّقِيْمَا حُدُوْدَ اللّٰهِ ؕ وَتِلْكَ
حُدُوْدُ اللّٰهِ يُبَيِّنُهَا لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿۲۳۰﴾ وَاِذَا طَلَّقْتُمُ
النِّسَآءَ فَبَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَاَمْسِكُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ
اَوْ سَرِّحُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ ۪ وَلَا تُمْسِكُوْهُنَّ ضِرَارًا
لِّتَعْتَدُوْا ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَقَدْ ظَلَمَ نَفْسَهٗ ؕ
وَلَا تَتَّخِذُوْۤا اٰيٰتِ اللّٰهِ هُزُوًا ۫ وَّاذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ
عَلَيْكُمْ وَمَاۤ اَنْزَلَ عَلَيْكُمْ مِّنَ الْكِتٰبِ وَالْحِكْمَةِ
يَعِظُكُمْ بِهٖ ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَیْءٍ
عَلِيْمٌ ﴿۲۳۱﴾ ع وَاِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَبَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ
فَلَا تَعْضُلُوْهُنَّ اَنْ يَّنْكِحْنَ اَزْوَاجَهُنَّ اِذَا تَرَاضَوْا
بَيْنَهُمْ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ ذٰلِكَ يُوْعَظُ بِهٖ مَنْ كَانَ
مِنْكُمْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ ذٰلِكُمْ اَزْكٰى
لَكُمْ وَاَطْهَرُ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ وَاَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۲۳۲﴾

پوءِ جيڪڏهن اُن کي (ٽين) طلاق (ٻه) ڏنائين ته اُن کان پوءِ (اُها زال) اُن کي (ايستائين) حلال نه ٿيندي جيستائين (اُها) ٻيو مڙس پرڻي- پوءِ جيڪڏهن (اُن ٻه) کيس طلاق ڏني، ته جيڪڏهن ٻئي (ڄڻا) الله جي حدن کي قائم رکي سگهڻ (جي پڪ) ڀانئين ٿا ته (تڏهن پاڻ ۾ نڪاح ڪري) موٽن ته ٻنهي تي گناهه نه آهي- ۽ اِهي الله جون حدون آهن اُنهن کي اُن قوم لاءِ بيان ڪندو آهي جي ڄاڻندا آهن (٢٣٠). ۽ جڏهن زالن کي (ٻه ڀيرا) طلاق ڏيو، پوءِ اُهي پنهنجي (عدت جي) مدي کي (اچي) پهچڻ لڳن ته (تڏهن يا) اُنهن کي چڱيءَ ريت سان رکو يا اُنهن کي چڱي ريت سان ڇڏيو ۽ ڏکوئڻ لاءِ کين نه جهليو ته زيادتي ڪيو، ۽ جيڪو ائين ڪندو تنهن بيشڪ پاڻ تي ظلم ڪيو- ۽ الله جي حڪمن کي ٺٺوليون ڪري نه وٺو- ۽ پاڻ تي الله جي نعمت ياد ڪريو ۽ جيڪي اوهان تي ڪتاب ۽ دانائيءَ مان لاٿائين جنهن سان اوهان کي نصيحت ڏيندو آهي (اُهو احسان ٻه ياد ڪريو)- ۽ الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻو ته الله سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي (٢٣١). ۽ جڏهن زالن کي طلاق ڏيو، پوءِ پنهنجي (عدت جي) مدت کي پهچن ته کين پنهنجن مڙسن سان پرڻجڻ کان نه جهليو جڏهن ته پاڻ ۾ چڱي ريت سان راضي ٿين- اهو (حڪم) آهي جيڪو اوهان مان الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃي تنهن کي اُن سان نصيحت ڏجي ٿي- اهو (حڪم) اوهان کي ڏاڍو صاف ڪندڙ ۽ بلڪل پاڪ ڪندڙ آهي- ۽ الله ڄاڻندو آهي ۽ اوهين نه ڄاڻندا آهيو (٢٣٢).

وَالْوَالِدٰتُ يُرْضِعْنَ اَوْلَادَهُنَّ حَوْلَيْنِ كَامِلَيْنِ لِمَنْ اَرَادَ اَنْ
يُّتِمَّ الرَّضَاعَةَ ؕ وَعَلَى الْمَوْلُوْدِ لَهٗ رِزْقُهُنَّ وَكِسْوَتُهُنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ
لَا تُكَلَّفُ نَفْسٌ اِلَّا وُسْعَهَا ۚ لَا تُضَآرَّ وَالِدَةٌ ۢ بِوَلَدِهَا وَلَا مَوْلُوْدٌ
لَّهٗ بِوَلَدِهٖ ۗ وَعَلَى الْوَارِثِ مِثْلُ ذٰلِكَ ۚ فَاِنْ اَرَادَا فِصَالًا عَنْ
تَرَاضٍ مِّنْهُمَا وَتَشَاوُرٍ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَا ؕ وَاِنْ اَرَدْتُّمْ اَنْ
تَسْتَرْضِعُوْٓا اَوْلَادَكُمْ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اِذَا سَلَّمْتُمْ مَّآ اٰتَيْتُمْ
بِالْمَعْرُوْفِ ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۲۳۳﴾
وَالَّذِيْنَ يُتَوَفَّوْنَ مِنْكُمْ وَيَذَرُوْنَ اَزْوَاجًا يَّتَرَبَّصْنَ بِاَنْفُسِهِنَّ
اَرْبَعَةَ اَشْهُرٍ وَّعَشْرًا ۚ فَاِذَا بَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ
فِيْمَا فَعَلْنَ فِيْٓ اَنْفُسِهِنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿۲۳۴﴾
وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْمَا عَرَّضْتُمْ بِهٖ مِنْ خِطْبَةِ النِّسَآءِ اَوْ اَكْنَنْتُمْ
فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ ؕ عَلِمَ اللّٰهُ اَنَّكُمْ سَتَذْكُرُوْنَهُنَّ وَلٰكِنْ لَّا تُوَاعِدُوْهُنَّ
سِرًّا اِلَّآ اَنْ تَقُوْلُوْا قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ؕ وَلَا تَعْزِمُوْا عُقْدَةَ النِّكَاحِ
حَتّٰى يَبْلُغَ الْكِتٰبُ اَجَلَهٗ ؕ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا فِيْٓ
اَنْفُسِكُمْ فَاحْذَرُوْهُ ۚ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿۲۳۵﴾ ع

۽ مائرون پنهنجن ٻارن کي پورا ٻہ ورھ ٿـج پيارين (اهو حڪم) اُنهيءَ لاءِ آهي جيڪو ٿـج پيارڻ جي مدت پوري ڪرڻ گهري ۽ اُنهن (مائرن) جي خوراڪ ۽ اُنهن جي پوشاڪ هليءَ چليءَ وانگر پيءُ تي آهي- ڪنهن کي سندس وس کان وڌيڪ تڪليف نہ ٿي ڏجي- ماءُ کي ٻار سببان تڪليف نہ ٿي ڏجي ۽ نڪي پيءُ کي ٻار سببان (تڪليف ڏجي) ۽ وارث تي (بہ) اهڙوئي (حق) آهي، پوءِ جيڪڏهن ٻنهي پنهنجي رضامندي ۽ صلاح سان (ٻار جي ٿـج) ڇڏائڻ گهرن تہ مٿن گناھ نہ آهي- ۽ جيڪڏهن پنهنجي اولاد کي (ٻئي کان) ٿـج پيارڻ گهرو تہ جڏهن اوهان رواج موجب (پيارينديڙ کي) جيڪي ڏيڻو ڪيو سو پهچايو تڏهن اوهان تي ڪو گناھ نہ آهي- ۽ الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻو تہ جيڪي اوهين ڪندا آهيو سو الله ڏسنديڙ آهي (٢٣٣). ۽ اوهان مان جيڪي مرن ۽ زالون ڇڏين تہ اُهي (زالون) پاڻ کي چار مهينا ۽ ڏھ ڏينهن ترسائين- پوءِ جڏهن پنهنجيءَ (عدت جي) مدت کي پهچن تڏهن جيڪي رواج موجب (يعني شرعي نڪاح) پنهنجي حق ۾ ڪن تنهن ۾ اوهان تي ڪو گناھ ڪونهي- ۽ جيڪي اوهين ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکنديڙ آهي (٢٣٤). ۽ زالن جي سڱ ڇڪائڻ بابت (عدت ۾) جيڪي آچ ڪريو يا دلين ۾ لڪايو تنهن ۾ اوهان تي گناھ نہ آهي، الله ڄاتو آهي تہ اوهين اُنهن (زالن) کي سگهوئي ياد ڪندؤ پر رواجيءَ طرح چئي چوڻ کانسواءِ کين ڳجهو انجام نہ ڏيو- ۽ نڪي ايستائين نڪاح جي پڪي نيت ڪريو جيستائين عدت پنهنجيءَ مدت کي پهچي- ۽ ڄاڻو تہ جيڪي اوهان جي دلين ۾ آهي سو الله ڄاڻندو آهي تنهنڪري کانئس ڊڄو، ۽ ڄاڻو تہ الله بخشڻهار بردبار آهي (٢٣٥).

لَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اِنْ طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ مَا لَمْ تَمَسُّوْهُنَّ اَوْ
تَفْرِضُوْا لَهُنَّ فَرِيْضَةً ۚۖ وَّمَتِّعُوْهُنَّ ۚ عَلَى الْمُوْسِعِ قَدَرُهٗ وَ
عَلَى الْمُقْتِرِ قَدَرُهٗ ۚ مَتَاعًاۢ بِالْمَعْرُوْفِ ۚ حَقًّا عَلَى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۲۳۶﴾
وَاِنْ طَلَّقْتُمُوْهُنَّ مِنْ قَبْلِ اَنْ تَمَسُّوْهُنَّ وَقَدْ فَرَضْتُمْ
لَهُنَّ فَرِيْضَةً فَنِصْفُ مَا فَرَضْتُمْ اِلَّآ اَنْ يَّعْفُوْنَ اَوْ يَعْفُوَا
الَّذِيْ بِيَدِهٖ عُقْدَةُ النِّكَاحِ ؕ وَاَنْ تَعْفُوْٓا اَقْرَبُ لِلتَّقْوٰى ؕ وَ
لَا تَنْسَوُا الْفَضْلَ بَيْنَكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۲۳۷﴾
حٰفِظُوْا عَلَى الصَّلَوٰتِ وَالصَّلٰوةِ الْوُسْطٰى ۗ وَقُوْمُوْا لِلّٰهِ
قٰنِتِيْنَ ﴿۲۳۸﴾ فَاِنْ خِفْتُمْ فَرِجَالًا اَوْ رُكْبَانًا ۚ فَاِذَآ اَمِنْتُمْ فَاذْكُرُوا
اللّٰهَ كَمَا عَلَّمَكُمْ مَّا لَمْ تَكُوْنُوْا تَعْلَمُوْنَ ﴿۲۳۹﴾ وَالَّذِيْنَ يُتَوَفَّوْنَ
مِنْكُمْ وَيَذَرُوْنَ اَزْوَاجًا ۚۖ وَّصِيَّةً لِّاَزْوَاجِهِمْ مَّتَاعًا اِلَى
الْحَوْلِ غَيْرَ اِخْرَاجٍ ۚ فَاِنْ خَرَجْنَ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْ مَا
فَعَلْنَ فِيْٓ اَنْفُسِهِنَّ مِنْ مَّعْرُوْفٍ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۲۴۰﴾
وَلِلْمُطَلَّقٰتِ مَتَاعٌۢ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ حَقًّا عَلَى الْمُتَّقِيْنَ ﴿۲۴۱﴾
كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿۲۴۲﴾ ع

جيڪڏهن زالن کي (اُنهيءَ وقت) طلاق ڏيو جڏهن اجا کين هٿ نہ لاتو
اٿو يا انهن لاءِ ڪابين مقرر نہ ڪيو اٿوَ تہ اوهان تي گناه ڪونهي ۽ کين
نفعي وٺڻ لاءِ ھليءَ چليءَ وانگر (گھٽ ۾ گھٽ)جوڙو ڏيو، آسودي تي
پنهنجي وس آهر ۽ غريب تي پنهنجي وس آهر آهي، (اِهو ڪم) ڀلارن تي
لازم آهي (٢٣٦). ۽ جيڪڏهن کين هٿ لائڻ کان اڳ هن حالت ۾ انهن
کي طلاق ڏيو جو ڪابين مقرر ڪيو اٿو تہ جيڪي مقرر ڪيو اٿو تنهن
جو اڌ (ڏيڻ لازم آهي) پر جي (زالون) بخشين يا جنهن جي هٿ ۾ نڪاح
جي ڳنڍ آهي (يعني مڙس) سو بخشي (يعني پورو ڏي)- ۽ اوهان جو بخشڻ
پرهيزگاريءَ کي ڏاڍو ويجهو آهي- ۽ اوهين پاڻ ۾ نيڪيءَ کي نہ وساريو-
ڇو تہ جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي (٢٣٧). سڀني نمازن تي ۽
(خصوصاً) وچينءَ نماز تي نگھباني ڪريو ۽ الله لاءِ فرمان بردار ٿي
بيهو (٢٣٨). پوءِ جيڪڏهن دشمن کان ڊڄو تہ پيادا ٿي يا سوار ٿي
(اشارن سان نماز پڙهو) پوءِ جڏهن بي ڀوا ٿيو تڏهن جيئن اوهان کي (نماز
جا ارڪان) جي نہ ڄاڻندا هيؤ سيکاريائين تيئن (سڀني رڪنن جي بجا
آوريءَ سان) الله کي ياد ڪريو (٢٣٩). ۽ اوهان مان جيڪي مرن ۽ زالون
ڇڏين تن کي هڪ ورهہ تائين پنهنجين زالن لاءِ (کين) فائدي ڏيڻ (۽) نہ
لوڏڻ جي وصيت ڪرڻ لازم آهي، پوءِ جيڪڏهن (اُهي) نڪرن تہ جيڪي
پنهنجي حق ۾ (شريعت جي) دستور موجب ڪن تنهن ۾ اوهان تي گناه
نہ آهي- ۽ الله غالب حڪمت وارو آهي (٢٤٠). ۽ طلاق ڏنلن لاءِ ھليءَ
چليءَ وانگر پرهيزگارن تي خرچ لازم آهي (٢٤١). اهڙيءَ طرح الله پنهنجا
حڪم اوهان لاءِ پڌرا ڪري ٿو تہ مانَ اوهين سمجهو (٢٤٢).

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ خَرَجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَهُمْ اُلُوْفٌ حَذَرَ الْمَوْتِ
فَقَالَ لَهُمُ اللّٰهُ مُوْتُوْا ۟ ثُمَّ اَحْيَاهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى
النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَشْكُرُوْنَ ﴿۲۴۳﴾ وَقَاتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ
اللّٰهِ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۲۴۴﴾ مَنْ ذَا الَّذِيْ يُقْرِضُ اللّٰهَ
قَرْضًا حَسَنًا فَيُضٰعِفَهٗ لَهٗٓ اَضْعَافًا كَثِيْرَةً ؕ وَاللّٰهُ يَقْبِضُ وَيَبْصُۜطُ ۪ وَ
اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿۲۴۵﴾ اَلَمْ تَرَ اِلَى الْمَلَاِ مِنْ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ مِنْ بَعْدِ
مُوْسٰى ۘ اِذْ قَالُوْا لِنَبِيٍّ لَّهُمُ ابْعَثْ لَنَا مَلِكًا نُّقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ
اللّٰهِ ؕ قَالَ هَلْ عَسَيْتُمْ اِنْ كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِتَالُ اَلَّا تُقَاتِلُوْا ؕ
قَالُوْا وَمَا لَنَآ اَلَّا نُقَاتِلَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَقَدْ اُخْرِجْنَا مِنْ
دِيَارِنَا وَاَبْنَآئِنَا ؕ فَلَمَّا كُتِبَ عَلَيْهِمُ الْقِتَالُ تَوَلَّوْا اِلَّا قَلِيْلًا
مِّنْهُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿۲۴۶﴾ وَقَالَ لَهُمْ نَبِيُّهُمْ اِنَّ اللّٰهَ
قَدْ بَعَثَ لَكُمْ طَالُوْتَ مَلِكًا ؕ قَالُوْٓا اَنّٰى يَكُوْنُ لَهُ الْمُلْكُ
عَلَيْنَا وَنَحْنُ اَحَقُّ بِالْمُلْكِ مِنْهُ وَلَمْ يُؤْتَ سَعَةً مِّنَ الْمَالِ ؕ
قَالَ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰىهُ عَلَيْكُمْ وَزَادَهٗ بَسْطَةً فِي الْعِلْمِ وَ
الْجِسْمِ ؕ وَاللّٰهُ يُؤْتِيْ مُلْكَهٗ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿۲۴۷﴾

(اي ڏسندڙ!) اُنهن ڏانهن نہ ڏٺو اٿيئي ڇا؟ جيڪي پنهنجن ديسن مان موت جي ڀؤ کان نڪتا ۽ اُهي هزارين هئا پوءِ الله اُنهن کي فرمايو تہ مرو (تہ مري ويا) وري کين جياريائين۔ بيشڪ الله ماڻهن تي وڏي فضل ڪرڻ وارو آهي پر گهڻا ماڻهو شڪر نہ ڪندا آهن (٢٤٣). ۽ (اي مسلمانؤ) الله جي واٽ ۾ (ڪافرن سان) ويڙهہ ڪريو ۽ ڄاڻو تہ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٢٤٤). اُهو ڪير آهي جو الله کي چڱو قرض اُڌارو ڏئي؟ تہ (الله) ان لاءِ گهڻي قدر وڌائي۔ ۽ الله (رزق) تنگ ڪري ٿو ۽ (الله) ڪشادو ڪري ٿو ۽ ڏانهنس موٽايا ويندؤ (٢٤٥). موسيٰ کان پوءِ بني اسرائيلن جي ٽوليءَ ڏانهن نہ ڏٺو اٿيئي ڇا؟ جڏهن پنهنجي پيغمبر کي چيائون تہ اسان لاءِ ڪو بادشاه مقرر ڪر تہ الله جي واٽ ۾ ويڙهہ ڪريون۔ (تڏهن پيغمبر) چيو تہ جيڪڏهن اوهان تي ويڙهہ لازم ٿي تہ اوهين وڙهڻ کي ويجها نہ ويندؤ۔ چيائون تہ اسان کي ڇا (ٿيو) آهي جو الله جي واٽ ۾ انهيءَ هوندي بہ نہ وڙهنداسون جو (اسين) پنهنجن ديسن ۽ پنهنجن اولادن مان لوڌيا ويا آهيون پوءِ جڏهن مٿن ويڙهہ لازم ڪئي ويئي تڏهن منجهائن ٿورڙن کان سواءِ (سڀ) ڦري ويا ۽ الله ظالمن کي ڄاڻندڙ آهي (٢٤٦). ۽ سندن پيغمبر کين چيو تہ الله طالوت کي اوهان لاءِ بادشاه مقرر ڪيوآهي۔ چيائون تہ ان جي بادشاهي اسان تي ڪيئن ٿيندي هن حالت ۾ جو اسين کانئس بادشاهيءَ جا وڌيڪ حقدار آهيون ۽ مال مان ڪشادگي نہ ڏني ويئي اٿس۔ (پيغمبر کين) چيو تہ الله اُن کي اوهان تي پسند ڪيو آهي ۽ کيس علمر ۽ جسمر ۾ گهڻو وڌايو اٿس۔ ۽ الله جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي پنهنجو مُلڪ ڏيندو آهي۔ ۽ الله (مهربانيءَ ۾) ڪشادگيءَ وارو ڄاڻندڙ آهي (٢٤٧).

وَقَالَ لَهُمْ نَبِيُّهُمْ اِنَّ اٰيَةَ مُلْكِهٖٓ اَنْ يَّاْتِيَكُمُ التَّابُوْتُ فِيْهِ
سَكِيْنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَبَقِيَّةٌ مِّمَّا تَرَكَ اٰلُ مُوْسٰى وَاٰلُ هٰرُوْنَ
تَحْمِلُهُ الْمَلٰٓئِكَةُ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٢٤٨﴾ ع
فَلَمَّا فَصَلَ طَالُوْتُ بِالْجُنُوْدِ ۙ قَالَ اِنَّ اللّٰهَ مُبْتَلِيْكُمْ بِنَهَرٍ ۚ
فَمَنْ شَرِبَ مِنْهُ فَلَيْسَ مِنِّيْ ۚ وَمَنْ لَّمْ يَطْعَمْهُ فَاِنَّهٗ مِنِّيْٓ اِلَّا مَنِ
اغْتَرَفَ غُرْفَةًۢ بِيَدِهٖ ۚ فَشَرِبُوْا مِنْهُ اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْهُمْ ؕ فَلَمَّا جَاوَزَهٗ
هُوَ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ ۙ قَالُوْا لَا طَاقَةَ لَنَا الْيَوْمَ بِجَالُوْتَ وَجُنُوْدِهٖ ؕ
قَالَ الَّذِيْنَ يَظُنُّوْنَ اَنَّهُمْ مُّلٰقُوا اللّٰهِ ۙ كَمْ مِّنْ فِئَةٍ قَلِيْلَةٍ
غَلَبَتْ فِئَةً كَثِيْرَةًۢ بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿٢٤٩﴾ وَلَمَّا
بَرَزُوْا لِجَالُوْتَ وَجُنُوْدِهٖ قَالُوْا رَبَّنَآ اَفْرِغْ عَلَيْنَا صَبْرًا وَّثَبِّتْ
اَقْدَامَنَا وَانْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٥٠﴾ ؕ فَهَزَمُوْهُمْ بِاِذْنِ اللّٰهِ ۙ قف
وَقَتَلَ دَاوٗدُ جَالُوْتَ وَاٰتٰىهُ اللّٰهُ الْمُلْكَ وَالْحِكْمَةَ وَعَلَّمَهٗ مِمَّا
يَشَآءُ ؕ وَلَوْلَا دَفْعُ اللّٰهِ النَّاسَ بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ لَّفَسَدَتِ
الْاَرْضُ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ ذُوْ فَضْلٍ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٥١﴾ تِلْكَ
اٰيٰتُ اللّٰهِ نَتْلُوْهَا عَلَيْكَ بِالْحَقِّ ؕ وَاِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٢٥٢﴾

۽ کين سندن پيغمبر چيو ته اُن جي بادشاهيءَ جي نشاني اوهان وٽ صندوق جو اچڻ آهي جنهن ۾ اوهان جي پالڻهار کان دل جو سڪون ۽ جيڪي موسىٰ جي خاندان ۽ هارون جي خاندان (تبرڪ) ڇڏيو تنهن جي بچت آهي اُن کي ملائڪ کڻي ايندا ڇو ته اُن ۾ اوهان لاءِ بيشڪ (وڏي) نشاني آهي جيڪڏهن اوهين مڃيندڙ آهيو (٢٤٨). پوءِ جڏهن طالوت لشڪر سوڌو نڪتو (تڏهن لشڪر کي) چيائين ته الله نديءَ جي پاڻيءَ سان توهان کي پرکيندڙ آهي پوءِ جيڪو منجهانئس پيئندو سو منهنجو نه آهي، ۽ جيڪو منجهانئس نه چکندو سواءِ هن جي جو پنهنجي هٿ سان هڪ لپ ڀري (پيئي) سو بيشڪ منهنجو آهي، پوءِ منجهانئن ٿورڙن کان سواءِ (سڀني) اُن مان پيتو. پوءِ جنهن مهل اُهو (طالوت) ۽ سندس سنگتي مؤمن اُن (نديءَ) کان لنگهيا (تنهن مهل پيئندڙن) چيو ته اڄ اسان کي جالوت ۽ سندس لشڪر سان (وڙهڻ جي) سگهه نه آهي. (۽ تنهن مهل) جيڪي پڪو ڀروسو رکندا هئا ته اُهي الله کي ملندا تن چيو ته ڪيترين ٿورين ٽولين گهڻن ٽولين تي الله جي حڪم سان غالب ٿي ويون آهن. ۽ الله صابرن ساڻ آهي (٢٤٩). ۽ جنهن مهل (اهي طالوتي) جالوت ۽ سندس لشڪر (جي وڙهڻ) لاءِ نڪتا (تنهن مهل) چيائون ته اي اسان جا پالڻهار! اسان تي صبر پلٽ ۽ اسان جا پير ثابت رک ۽ ڪافر ٽوليءَ تي اسان کي سوڀ ڏي (٢٥٠). پوءِ الله جي حڪم سان کين ڀڄايائون ۽ دائود جالوت کي ڪُٺو ۽ الله اُن (دائود) کي بادشاهي ۽ حڪمت ڏني ۽ جيڪي ان لاءِ گهريائين سو سيکاريائينس. ۽ جيڪڏهن الله جو ٽارڻ هڪڙن ماڻهن سان ٻين کي نه هجي ها ته زمين ضرور خراب ٿئي ها پر الله جهان (وارن) تي ٻاجهه ڪرڻ وارو آهي (٢٥١). اهي الله جا حڪم آهن اُهي توتي سچ سان پڙهون ٿا. ۽ تون ضرور پيغمبرن مان آهين. (٢٥٢).

تِلْكَ الرُّسُلُ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ مِّنْهُمْ
مَّنْ كَلَّمَ اللّٰهُ وَرَفَعَ بَعْضَهُمْ دَرَجٰتٍ ؕ وَاٰتَيْنَا عِيْسَى ابْنَ
مَرْيَمَ الْبَيِّنٰتِ وَاَيَّدْنٰهُ بِرُوْحِ الْقُدُسِ ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا اقْتَتَلَ
الَّذِيْنَ مِنْ بَعْدِهِمْ مِّنْ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنٰتُ وَلٰكِنِ اخْتَلَفُوْا
فَمِنْهُمْ مَّنْ اٰمَنَ وَمِنْهُمْ مَّنْ كَفَرَ ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا اقْتَتَلُوْا ۫ قف
وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَفْعَلُ مَا يُرِيْدُ ﴿۲۵۳﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَنْفِقُوْا
مِمَّا رَزَقْنٰكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ يَوْمٌ لَّا بَيْعٌ فِيْهِ وَلَا خُلَّةٌ وَّلَا
شَفَاعَةٌ ؕ وَالْكٰفِرُوْنَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۲۵۴﴾ اَللّٰهُ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلْحَیُّ
الْقَيُّوْمُ ۚ لَا تَاْخُذُهٗ سِنَةٌ وَّلَا نَوْمٌ ؕ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي
الْاَرْضِ ؕ مَنْ ذَا الَّذِيْ يَشْفَعُ عِنْدَهٗۤ اِلَّا بِاِذْنِهٖ ؕ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ
اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ ۚ وَلَا يُحِيْطُوْنَ بِشَيْءٍ مِّنْ عِلْمِهٖۤ اِلَّا بِمَا
شَآءَ ۚ وَسِعَ كُرْسِيُّهُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ ۚ وَلَا يَئُوْدُهٗ حِفْظُهُمَا ۚ وَ
هُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ ﴿۲۵۵﴾ لَاۤ اِكْرَاهَ فِي الدِّيْنِ ۙ قَدْ تَّبَيَّنَ الرُّشْدُ مِنَ
الْغَيِّ ۚ فَمَنْ يَّكْفُرْ بِالطَّاغُوْتِ وَيُؤْمِنْ بِاللّٰهِ فَقَدِ اسْتَمْسَكَ
بِالْعُرْوَةِ الْوُثْقٰى ۗ لَا انْفِصَامَ لَهَا ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۲۵۶﴾

اهي پيغمبر آهن، اُنهن مان هڪڙن کي ٻين کان پلو ڪيوسون. منجهائن ڪن سان الله ڳالهايو ۽ ڪن کي درجن ۾ بلند ڪيائين. ۽ عيسىٰ پٽ مريم جي کي چِٽا معجزا ڏناسون ۽ کيس پاڪ روح سان مدد ڏني سون. ۽ جيڪڏهن الله گهري ها ته جيڪي (ماڻهو) اُنهن (پيغمبرن) کان پوءِ هئا سي پاڻ وٽ چِٽن معجزن اچڻ کان بعد (پاڻ ۾) نه وڙهن ها پر اختلاف ۾ پيا پوءِ منجهائن ڪن ايمان آندو ۽ منجهائن ڪن ڪفر ڪيو. ۽ جيڪڏهن الله گهري ها ته (پاڻ ۾) نه وڙهن ها، پر الله جيڪي گهرندو آهي سو ڪندو آهي (٢٥٣). اي مؤمنؤ! جيڪي اوهان کي رزق ڏنو سون تنهن مان اُن ڏينهن جي اچڻ کان اڳ خرچ ڪريو جنهن ۾ نڪو واپار ۽ نڪا ياراڻي آهي ۽ نڪا پارت هلندي. ۽ ڪافر ئي ظالم آهن (٢٥٤). الله (اُهو آهي جو) اُن کان سواءِ ڪو عبادت جو لائق نه آهي، (اُهو سدائين) جيئرو، (جهانن کي) بيهڪ ڏيندڙ آهي، کيس نڪي پنڪي ۽ نڪي ننڊ وٺندي آهي. جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو (سڀ) سندس (ملڪيت) آهي. ڪير آهي جو سندس موڪل ڌاران وٽس پارت ڪري سگهي؟ جيڪي انهن (مخلوقن) جي اڳيان آهي ۽ جيڪي سندن پوئتان آهي سو (سڀ) ڄاڻندو آهي، ۽ جيڪي گهري تنهن کان سواءِ سندس علم مان ڪنهن ذري کي (اُهي) گهيرو ڪري نه سگهندا آهن سندس (بادشاهيءَ جي) ڪرسيءَ آسمانن ۽ زمين کي لپيٽيو آهي، ۽ اُنهن جي سنڀال کيس نه ٿڪائيندي آهي، ۽ اُهو (سڀ کان) مٿانهون وڏي وڏائيءَ وارو آهي (٢٥٥). دين مڃائڻ ۾ ڪا زبردستي نه آهي (ڇو ته) بيشڪ گمراهيءَ کان هدايت (جدا ٿي) پڌري ٿي آهي، تنهنڪري جيڪو طاغوت (يعني خدا کان سواءِ ٻين معبودن) کي نه مڃي ۽ الله کي مڃي تنهن بيشڪ اهڙي مضبوط ڪڙيءَ کي ورتو جنهن کي ڇڄڻ نه آهي. ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٢٥٦).

اَللّٰهُ وَلِیُّ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا یُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَی النُّوْرِ۬ؕ
وَالَّذِیْنَ كَفَرُوْۤا اَوْلِیٰٓـُٔهُمُ الطَّاغُوْتُ یُخْرِجُوْنَهُمْ مِّنَ النُّوْرِ
اِلَی الظُّلُمٰتِؕ اُولٰٓىِٕكَ اَصْحٰبُ النَّارِۚ هُمْ فِیْهَا خٰلِدُوْنَ۠ ﴿۲۵۷﴾
اَلَمْ تَرَ اِلَی الَّذِیْ حَآجَّ اِبْرٰهٖمَ فِیْ رَبِّهٖۤ اَنْ اٰتٰىهُ اللّٰهُ
الْمُلْكَ اِذْ قَالَ اِبْرٰهٖمُ رَبِّیَ الَّذِیْ یُحْیٖ وَ یُمِیْتُۙ قَالَ اَنَا
اُحْیٖ وَ اُمِیْتُؕ قَالَ اِبْرٰهٖمُ فَاِنَّ اللّٰهَ یَاْتِیْ بِالشَّمْسِ مِنَ
الْمَشْرِقِ فَاْتِ بِهَا مِنَ الْمَغْرِبِ فَبُهِتَ الَّذِیْ كَفَرَؕ وَ اللّٰهُ
لَا یَهْدِی الْقَوْمَ الظّٰلِمِیْنَۚ ﴿۲۵۸﴾ اَوْ كَالَّذِیْ مَرَّ عَلٰی قَرْیَةٍ وَّ
هِیَ خَاوِیَةٌ عَلٰی عُرُوْشِهَاۚ قَالَ اَنّٰی یُحْیٖ هٰذِهِ اللّٰهُ بَعْدَ
مَوْتِهَاۚ فَاَمَاتَهُ اللّٰهُ مِائَةَ عَامٍ ثُمَّ بَعَثَهٗؕ قَالَ كَمْ لَبِثْتَؕ
قَالَ لَبِثْتُ یَوْمًا اَوْ بَعْضَ یَوْمٍؕ قَالَ بَلْ لَّبِثْتَ مِائَةَ
عَامٍ فَانْظُرْ اِلٰی طَعَامِكَ وَ شَرَابِكَ لَمْ یَتَسَنَّهْۚ وَ انْظُرْ
اِلٰی حِمَارِكَ قف وَ لِنَجْعَلَكَ اٰیَةً لِّلنَّاسِ وَ انْظُرْ اِلَی
الْعِظَامِ كَیْفَ نُنْشِزُهَا ثُمَّ نَكْسُوْهَا لَحْمًاؕ فَلَمَّا تَبَیَّنَ
لَهٗ ۙ قَالَ اَعْلَمُ اَنَّ اللّٰهَ عَلٰی كُلِّ شَیْءٍ قَدِیْرٌ ﴿۲۵۹﴾

الله مؤمنن جو سنڀاليندڙ آهي کين اونداهين مان سوجهري ڏانهن ڪڍندو آهي- ۽ جيڪي ڪافر آهن تن جا مددگار (خدا کان سواءِ جن جي عبادت ڪن ٿا سي) بت آهن کين سوجهري مان اونداهين ڏانهن ڪڍندا آهن- اهي دوزخي آهن، اُهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن (٢٥٧). (اي پيغمبر) تو اُن ڏانهن نہ ڏٺو ڇا؟ جنهن پنهنجي پالڻهار بابت ابراهيم سان (اُنهي مغروريءَ سبب) تڪرار ڪيو جو الله کيس بادشاهي ڏني هئي- جڏهن ابراهيم چيو تہ منهنجو پالڻهار اُهو آهي جو جياريندو آهي ۽ ماريندو آهي (ڪافر) چيو تہ آءٌ (بہ) جياريان ٿو ۽ ماريان ٿو- ابراهيم چيو تہ الله سج کي اوڀر کان اڀاريندو آهي تنهن ڪري (تون) اُن کي اولهہ کان اڀار پوءِ ڪافر هڪو ٻڪو (وائڙو) ٿي ويو- ۽ الله ظالم ٽوليءَ کي سڌو رستو نہ ڏيکاريندو آهي (٢٥٨). يا انهيءَ طرح اُنهيءَ (پيغمبر) کي (ڏٺئي ڇا؟) جو هڪ ڳوٺ وٽان هن حالت ۾ لنگهيو جو اُهو پنهنجين ڇتين سُوڌو ڊٺل هو، (ڏسي ڪري) چيائين تہ هن کي الله ڪهڙي طرح سندس ڦٽڻ کان پوءِ وَسائيندو؟ پوءِ الله کيس سؤ ورهہ ماريو وري کيس (جياري) اٿاريائين- الله چيو ڪيترو رهئين؟ چيائين تہ هڪ ڏينهن يا ڪجهہ پهر رهيو آهيان- (الله) چيو تہ بلڪ سؤ ورهہ دير ڪئي اٿيئي پوءِ پنهنجي طعام ۽ پنهنجي پاڻي ڏانهن نهار جو اُهو نہ سينواريو آهي، ۽ پنهنجي (مئل) گڏه ڏانهن نهار (تہ جياري توکي ڏيکاريون) ۽ (اهو هن لاءِ ڪيوسين) تہ توکي ماڻهن لاءِ نشاني ڪريون ۽ (هاڻي گڏه جي) هڏن ڏانهن ڏس تہ ڪين ڪيئن چوريون ٿا وري اُنهن (هڏن) کي گوشت پهرايون ٿا، پوءِ جنهن مهل اُن تي (اهو حال) پڌرو ٿيو (تڏهن) چيائين تہ ڄاڻان ٿو تہ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي (٢٥٩).

وَإِذْ قَالَ إِبْرٰهٖمُ رَبِّ أَرِنِيْ كَيْفَ تُحْيِ الْمَوْتٰى ط قَالَ أَوَلَمْ
تُؤْمِنْ ط قَالَ بَلٰى وَلٰكِنْ لِّيَطْمَئِنَّ قَلْبِيْ ط قَالَ فَخُذْ أَرْبَعَةً
مِّنَ الطَّيْرِ فَصُرْهُنَّ إِلَيْكَ ثُمَّ اجْعَلْ عَلٰى كُلِّ جَبَلٍ مِّنْهُنَّ
جُزْءًا ثُمَّ ادْعُهُنَّ يَأْتِيْنَكَ سَعْيًا ط وَاعْلَمْ أَنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ
حَكِيْمٌ ﴿٢٦٠﴾ مَثَلُ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ أَمْوَالَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ
كَمَثَلِ حَبَّةٍ أَنْۢبَتَتْ سَبْعَ سَنَابِلَ فِيْ كُلِّ سُنْۢبُلَةٍ مِّائَةُ حَبَّةٍ ط
وَاللّٰهُ يُضٰعِفُ لِمَنْ يَّشَآءُ ط وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٦١﴾ اَلَّذِيْنَ
يُنْفِقُوْنَ أَمْوَالَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ لَا يُتْبِعُوْنَ مَآ أَنْفَقُوْا
مَنًّا وَّلَآ أَذًى لا لَّهُمْ أَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ج وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ
وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٦٢﴾ قَوْلٌ مَّعْرُوْفٌ وَّمَغْفِرَةٌ خَيْرٌ مِّنْ صَدَقَةٍ
يَّتْبَعُهَآ أَذًى ط وَاللّٰهُ غَنِيٌّ حَلِيْمٌ ﴿٢٦٣﴾ يٰٓأَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا
تُبْطِلُوْا صَدَقٰتِكُمْ بِالْمَنِّ وَالْأَذٰى لا كَالَّذِيْ يُنْفِقُ مَالَهٗ
رِئَآءَ النَّاسِ وَلَا يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ط فَمَثَلُهٗ كَمَثَلِ
صَفْوَانٍ عَلَيْهِ تُرَابٌ فَأَصَابَهٗ وَابِلٌ فَتَرَكَهٗ صَلْدًا ط لَا يَقْدِرُوْنَ
عَلٰى شَيْءٍ مِّمَّا كَسَبُوْا ط وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٦٤﴾

۽ (ياد ڪر) جڏهن ابراهيم چيو ته اي منهنجا پالڻهار! مون کي ڏيکار ته ڪهڙي طرح مئلن کي جياريندو آهين. (الله) چيو ته نه تو مڃين ڇا؟ (ابراهيم) چيو ته هائو (مڃيان ٿو) پر هن لاءِ ته منهنجيءَ دل کي تسلي ٿئي. (الله) چيو ته چار پکي وٺ پوءِ ڪين پاڻ وٽ ٽڪرا ٽڪرا ڪر پوءِ منجهانئن ڪو ڀاڱو هر هڪ جبل تي رک وري ڪين سڏ ته تو ڏانهن ڊوڙندا ايندا. ۽ ڄاڻ ته الله غالب حڪمت وارو آهي (٢٦٠). جيڪي (ماڻهو) پنهنجا مال الله جي واٽ ۾ خرچيندا آهن تن جو مثال اُنهيءَ داڻي جي مثال وانگر آهي جو ست سنگ ڄمائي هر هڪ سنگ ۾ سؤ داڻو هجي. ۽ الله جنهن کي گهرندو آهي (تنهن کي) ٻيڻو ڏيندو آهي ۽ الله (مهربانيءَ ۾) ڪشادگيءَ وارو، ڄاڻندڙ آهي (٢٦١). جيڪي (ماڻهو) پنهنجو مال الله جي واٽ ۾ خرچيندا آهن وري پنهنجي ڏيڻ پٺيان نڪي ٿورو رکندا آهن ۽ نڪي ايذائيندا آهن، تن لاءِ سندن پالڻهار وٽ سندن ثواب آهي ۽ نڪي ڪين ڪو ڀؤ آهي ۽ نڪي اُهي غمگين ٿيندا (٢٦٢). مِٺو ڳالهائڻ ۽ معاف ڪرڻ اُنهيءَ خيرات کان ڀَلو آهي جنهن جي پٺيان ايذاءُ هجي. ۽ الله بي پرواه بردبار آهي (٢٦٣). اي مؤمنؤ! پنهنجين خيراتن کي اِحسان رکڻ ۽ ايذائڻ سان اُنهيءَ ماڻهو وانگر نه وڃايو جيڪو پنهنجو مال ماڻهن جي ڏيکاري لاءِ خرچي ۽ الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي نه مڃي. پوءِ سندس مثال (اُنهيءَ) لسي پٿر وانگر آهي جنهن تي ٿوري مٽي (پيل) هجي ۽ مٿس وڏڦڙو مينهن وسي پوءِ ڇنڊي ڇڏيس. (ته رياءَ وارن) جيڪي ڪمايو تنهن مان ڪنهن ذري تي (اُهي) وس وارا نه ٿيندا. ۽ الله ڪافر ٽوليءَ کي سڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي (٢٦٤).

وَمَثَلُ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمُ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ وَ
تَثْبِيْتًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ كَمَثَلِ جَنَّةٍۭ بِرَبْوَةٍ اَصَابَهَا وَابِلٌ
فَاٰتَتْ اُكُلَهَا ضِعْفَيْنِۚ فَاِنْ لَّمْ يُصِبْهَا وَابِلٌ فَطَلٌّؕ وَاللّٰهُ
بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٢٦٥﴾ اَيَوَدُّ اَحَدُكُمْ اَنْ تَكُوْنَ لَهٗ جَنَّةٌ مِّنْ
نَّخِيْلٍ وَّاَعْنَابٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُۙ لَهٗ فِيْهَا مِنْ كُلِّ
الثَّمَرٰتِۙ وَاَصَابَهُ الْكِبَرُ وَلَهٗ ذُرِّيَّةٌ ضُعَفَآءُ ۖۚ فَاَصَابَهَآ
اِعْصَارٌ فِيْهِ نَارٌ فَاحْتَرَقَتْؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ
الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَتَفَكَّرُوْنَ ﴿٢٦٦﴾ ع يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَنْفِقُوْا مِنْ
طَيِّبٰتِ مَا كَسَبْتُمْ وَمِمَّاۤ اَخْرَجْنَا لَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ ۪ وَلَا
تَيَمَّمُوا الْخَبِيْثَ مِنْهُ تُنْفِقُوْنَ وَلَسْتُمْ بِاٰخِذِيْهِ اِلَّاۤ
اَنْ تُغْمِضُوْا فِيْهِؕ وَاعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ حَمِيْدٌ ﴿٢٦٧﴾
اَلشَّيْطٰنُ يَعِدُكُمُ الْفَقْرَ وَيَاْمُرُكُمْ بِالْفَحْشَآءِۚ وَاللّٰهُ
يَعِدُكُمْ مَّغْفِرَةً مِّنْهُ وَفَضْلًاؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٦٨﴾ ۚ ۙ
يُّؤْتِي الْحِكْمَةَ مَنْ يَّشَآءُۚ وَمَنْ يُّؤْتَ الْحِكْمَةَ فَقَدْ
اُوْتِيَ خَيْرًا كَثِيْرًاؕ وَمَا يَذَّكَّرُ اِلَّاۤ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿٢٦٩﴾

۽ جيڪي پنهنجن مالن کي الله جي رضامندي حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجين دلين ۾ پڪي يقين پيدا ڪرڻ لاءِ خرچيندا آهن تن جو مثال هڪ باغ وانگر آهي جو دڙي تي هجي اُن تي وڏ ڦڙو مينهن وسي ۽ پنهنجو ڦر ٻيڻو ڪري پر جيڪڏهن مٿس وڏ ڦڙو مينهن نه وسي ته ماڪ بس هجيس- ۽ جيڪي اوهين ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي (٢٦٥). اوهان مان ڪو هڪ (دل سان) گهرندو آهي ڇا؟ ته اُن کي کجين ۽ انگورن جو هڪ باغ هجي جنهن جي هيٺان واهيون وهنديون هجن اُن لاءِ منجهس سڀ ڪنهن (جنس جا) ميوا هجن ۽ کيس پوڙهائي اچي وڃي ۽ ان کي ڪمزور اولاد هجي پوءِ اُن (باغ) کي (اهڙو) واچوڙو لڳي جنهن ۾ باهه هجي تنهنڪري (سندس باغ) سڙي وڃي- اهڙيءَ طرح الله اوهان لاءِ (ڇٽيون) نشانيون بيان ڪندو آهي ته مانَ اوهين سوچيو (٢٦٦). اي مؤمنؤ! جيڪي ڪمايو تنهن مان (۽ پڻ) جيڪي اوهان لاءِ زمين مان پيدا ڪيوسون تنهن مان ڪي سٺيون شيون (خدا ڪارڻ) خرچ ڪريو ۽ اُن مان خراب شيءِ خرچ ڪرڻ جي نيت هن هوندي نه ڪريو جو (پاڻ) اُن ۾ پنهنجين اکين ٻوٽڻ کان سواءِ کيس وٺڻ وارا نه آهيو- ۽ ڄاڻو ته الله بي پرواهه ساراهيل آهي (٢٦٧). (اي مسلمانؤ!) شيطان اوهان کي سڃائيءَ جو ڀؤ ڏيندو آهي ۽ اوهان کي بي حيائيءَ (جي ڪمن) جو حڪم ڪندو آهي، ۽ الله اوهان کي پنهنجي پاران بخشش ۽ ڀلائي جو وعدو ڏيندو آهي- ۽ الله (مهربانيءَ ۾) ڪشادگيءَ وارو ڄاڻندڙ آهي (٢٦٨). جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي دانائي ڏيندو آهي ۽ جنهن کي دانائي ڏني ويئي تنهن کي بيشڪ گهڻي چڱائي ڏني ويئي- ۽ عقل وارن کان سواءِ ٻيو ڪو نصيحت نه پرائيندو آهي (٢٦٩).

وَمَآ اَنۡفَقۡتُمۡ مِّنۡ نَّفَقَةٍ اَوۡ نَذَرۡتُمۡ مِّنۡ نَّذۡرٍ
فَاِنَّ اللّٰهَ يَعۡلَمُهٗ ؕ وَمَا لِلظّٰلِمِيۡنَ مِنۡ اَنۡصَارٍ ﴿۲۷۰﴾
اِنۡ تُبۡدُوا الصَّدَقٰتِ فَنِعِمَّا هِىَ ۚ وَاِنۡ تُخۡفُوۡهَا وَ
تُؤۡتُوۡهَا الۡفُقَرَآءَ فَهُوَ خَيۡرٌ لَّـكُمۡ ؕ وَيُكَفِّرُ عَنۡكُمۡ
مِّنۡ سَيِّاٰتِكُمۡ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ خَبِيۡرٌ ﴿۲۷۱﴾ لَيۡسَ
عَلَيۡكَ هُدٰٮهُمۡ وَلٰـكِنَّ اللّٰهَ يَهۡدِىۡ مَنۡ يَّشَآءُ ؕ وَمَا
تُنۡفِقُوۡا مِنۡ خَيۡرٍ فَلِاَنۡفُسِكُمۡ ؕ وَمَا تُنۡفِقُوۡنَ اِلَّا
ابۡتِغَآءَ وَجۡهِ اللّٰهِ ؕ وَمَا تُنۡفِقُوۡا مِنۡ خَيۡرٍ يُّوَفَّ اِلَيۡكُمۡ
وَاَنۡتُمۡ لَا تُظۡلَمُوۡنَ ﴿۲۷۲﴾ لِلۡفُقَرَآءِ الَّذِيۡنَ اُحۡصِرُوۡا فِىۡ
سَبِيۡلِ اللّٰهِ لَا يَسۡتَطِيۡعُوۡنَ ضَرۡبًا فِى الۡاَرۡضِ يَحۡسَبُهُمُ
الۡجَاهِلُ اَغۡنِيَآءَ مِنَ التَّعَفُّفِ ۚ تَعۡرِفُهُمۡ بِسِيۡمٰهُمۡ ۚ
لَا يَسۡـئَلُوۡنَ النَّاسَ اِلۡحَافًا ؕ وَمَا تُنۡفِقُوۡا مِنۡ خَيۡرٍ
فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِيۡمٌ ﴿۲۷۳﴾ ع الَّذِيۡنَ يُنۡفِقُوۡنَ اَمۡوَالَهُمۡ
بِالَّيۡلِ وَالنَّهَارِ سِرًّا وَّعَلَانِيَةً فَلَهُمۡ اَجۡرُهُمۡ
عِنۡدَ رَبِّهِمۡ ۚ وَلَا خَوۡفٌ عَلَيۡهِمۡ وَلَا هُمۡ يَحۡزَنُوۡنَ ﴿۲۷۴﴾

۽ (اي مسلمانؤ!) جيڪي اوهان خيرات ڪريو يا باس باسيو تا تنهن کي الله ڄاڻندو آهي ۽ ظالمن جو ڪو مددگار نہ آهي (۲۷۰). جيڪڏهن خيراتون ظاهر ڪري ڏيندؤ تہ اُهي (ڪهڙيون نہ) چڱيون آهن! ۽ جيڪڏهن اُنهن کي لڪائيندؤ ۽ اُهي محتاجن کي ڏيندؤ تہ اُهو اوهان لاءِ (ويتر) ڀلو آهي- ۽ الله اوهان جا ڪي گناه اوهان کان ميٽيندو- ۽ جيڪي اوهين ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي (۲۷۱). (اي پيغمبر!) تو تي اُنهن (ڪافرن) کي هدايت (يعني دل ۾ اثر پيدا) ڪرڻ لازم نہ آهي پر الله جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي هدايت ڪندو آهي- ۽ جيڪي ڪجهہ مال خرچيندا آهيو سو اوهان (جي ڀلي) لاءِ آهي ۽ الله جي رضامندي طلبڻ کانسواءِ (اوهين) خرچ نہ ڪريو- ۽ جيڪي ڪجهہ مال خرچيو (اُن جو ثواب) اوهان کي پورو ڏبو ۽ اوهان تي ظلم نہ ڪبو (۲۷۲). اهڙن فقيرن کي (خيرات ڏيڻ لازم آهي) جيڪي الله جي واٽ ۾ روڪيل آهن (واپار لاءِ) مُلڪ ۾ سفر ڪري نہ سگهندا آهن ناواقف (سندن) بي طمعيءَ سببان کين مالدار ڀانئيندا آهن، سندين پيشانين مان کين سڃاڻندو آهين، جنبڙي ماڻهن کان نہ پنندا آهن- ۽ جيڪي ڪجهہ مال خرچيندا آهيو سو الله ڄاڻندڙ آهي (۲۷۳). جيڪي پنهنجا مال رات جو ۽ ڏينهن جو ڳجهو ۽ پڌرو خرچيندا آهن تن لاءِ سندن پالڻهار وٽ سندن اجر آهي، ۽ نڪي کين ڪو ڀؤ آهي ۽ نڪي اُهي غمگين ٿيندا (۲۷۴).

اَلَّذِيْنَ يَاْكُلُوْنَ الرِّبٰوا لَا يَقُوْمُوْنَ اِلَّا كَمَا يَقُوْمُ الَّذِيْ
يَتَخَبَّطُهُ الشَّيْطٰنُ مِنَ الْمَسِّ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْٓا اِنَّمَا الْبَيْعُ
مِثْلُ الرِّبٰوا ۘ وَاَحَلَّ اللّٰهُ الْبَيْعَ وَحَرَّمَ الرِّبٰوا ؕ فَمَنْ جَآءَهٗ
مَوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ فَانْتَهٰى فَلَهٗ مَا سَلَفَ ؕ وَاَمْرُهٗٓ اِلَى اللّٰهِ ؕ
وَمَنْ عَادَ فَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۲۷۵﴾
يَمْحَقُ اللّٰهُ الرِّبٰوا وَيُرْبِي الصَّدَقٰتِ ؕ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ كُلَّ
كَفَّارٍ اَثِيْمٍ ﴿۲۷۶﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاَقَامُوا
الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ لَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا
خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۲۷۷﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا
اللّٰهَ وَذَرُوْا مَا بَقِيَ مِنَ الرِّبٰوٓا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۲۷۸﴾ فَاِنْ
لَّمْ تَفْعَلُوْا فَاْذَنُوْا بِحَرْبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ۚ وَاِنْ تُبْتُمْ
فَلَكُمْ رُءُوْسُ اَمْوَالِكُمْ ۚ لَا تَظْلِمُوْنَ وَلَا تُظْلَمُوْنَ ﴿۲۷۹﴾ وَاِنْ
كَانَ ذُوْ عُسْرَةٍ فَنَظِرَةٌ اِلٰى مَيْسَرَةٍ ؕ وَاَنْ تَصَدَّقُوْا خَيْرٌ
لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۲۸۰﴾ وَاتَّقُوْا يَوْمًا تُرْجَعُوْنَ فِيْهِ
اِلَى اللّٰهِ ۗ ثُمَّ تُوَفّٰى كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿۲۸۱﴾ ع

جيڪي وياج کائيندا آهن سي (قبرن مان) رڳو اُنهيءَ (ماڻهو) جي اُٿڻ وانگر اُٿندا جنهن کي جِنَ اثر سببان چريو ڪيو هجي. اهو هن ڪري آهي جو اُهي (وياج خور) چون ٿا ته واپار وياج جهڙو ئي آهي. حالانڪ الله واپار کي حلال ڪيو آهي ۽ وياج کي حرام ڪيو آهي پوءِ جنهن کي پنهنجي پالڻهار وٽان نصيحت آئي ۽ (وياج) ڇڏيائين تنهن لاءِ جيڪي اڳي ڪيائين سو (هينئر معاف) آهي. ۽ (آخرت ۾) سندس مامرو الله ڏانهن (سونپيل) آهي ۽ جن وري (وياج کاڌو) سي دوزخي آهن، اُهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن (٢٧٥). الله وياج (جو ڪتيو) ناس ڪري ڇڏيندو آهي ۽ خيراتن کي وڌائيندو آهي الله ڪنهن به بي شڪر گنهگار کي دوست نه رکندو آهي (٢٧٦). جن اِيمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ۽ نماز پڙهيائون ۽ زڪواة ڏنائون تن لاءِ سندن پالڻهار وٽ سندن اجر آهي. ۽ نڪي ڪين ڪو ڀؤ آهي ۽ نڪي اُهي غمگين ٿيندا (٢٧٧). اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ جيڪڏهن اوهين (الله ۽ رسول کي) مڃيندڙ آهيو ته جيڪي وياج مان رهيل آهي سو ڇڏيو (٢٧٨). پوءِ جيڪڏهن (ائين) نه ڪندؤ ته الله ۽ سندس رسول جي پاران اوهان کي جنگ جو اعلان هجي، ۽ جيڪڏهن توبه ڪيوَ ته اوهان لاءِ اوهان جي مالن جي موڙي آهي، نڪي وڌيڪ وٺو ۽ نڪي اوهان کي گهٽ ڏبو (٢٧٩). ۽ جيڪڏهن (قرضي) سڃو هجي ته سگهه تائين مهلت ڏيڻ لازم آهي. ۽ جيڪڏهن اوهين ڄاڻندا آهيو ته اوهان جو (قرض) بخشڻ اوهان لاءِ بهتر آهي (٢٨٠). ۽ اُنهيءَ ڏينهن کان ڊڄو جنهن ۾ الله ڏانهن موٽايا ويندؤ، پوءِ سڀ ڪنهن ماڻهو کي جيڪي ڪمايائين تنهن جو پورو بدلو ڏبو ۽ اُنهن تي ظلم نه ڪبو (٢٨١).

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِذَا تَدَايَنۡتُمۡ بِدَيۡنٍ اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّى
فَاكۡتُبُوۡهُ ؕ وَلۡيَكۡتُبْ بَّيۡنَكُمۡ كَاتِبٌ ۢ بِالۡعَدۡلِ ۚ وَلَا يَاۡبَ كَاتِبٌ اَنۡ
يَّكۡتُبَ كَمَا عَلَّمَهُ اللّٰهُ فَلۡيَكۡتُبۡ ۚ وَلۡيُمۡلِلِ الَّذِىۡ عَلَيۡهِ الۡحَقُّ
وَلۡيَتَّقِ اللّٰهَ رَبَّهٗ وَلَا يَبۡخَسۡ مِنۡهُ شَيۡـًٔا ؕ فَاِنۡ كَانَ الَّذِىۡ عَلَيۡهِ
الۡحَقُّ سَفِيۡهًا اَوۡ ضَعِيۡفًا اَوۡ لَا يَسۡتَطِيۡعُ اَنۡ يُّمِلَّ هُوَ فَلۡيُمۡلِلۡ
وَلِيُّهٗ بِالۡعَدۡلِ ؕ وَاسۡتَشۡهِدُوۡا شَهِيۡدَيۡنِ مِنۡ رِّجَالِكُمۡ ۚ فَاِنۡ
لَّمۡ يَكُوۡنَا رَجُلَيۡنِ فَرَجُلٌ وَّامۡرَاَتٰنِ مِمَّنۡ تَرۡضَوۡنَ مِنَ
الشُّهَدَآءِ اَنۡ تَضِلَّ اِحۡدٰٮهُمَا فَتُذَكِّرَ اِحۡدٰٮهُمَا الۡاُخۡرٰى ؕ وَ
لَا يَاۡبَ الشُّهَدَآءُ اِذَا مَا دُعُوۡا ؕ وَلَا تَسۡـَٔمُوۡۤا اَنۡ تَكۡتُبُوۡهُ
صَغِيۡرًا اَوۡ كَبِيۡرًا اِلٰٓى اَجَلِهٖ ؕ ذٰلِكُمۡ اَقۡسَطُ عِنۡدَ اللّٰهِ وَاَقۡوَمُ
لِلشَّهَادَةِ وَاَدۡنٰٓى اَلَّا تَرۡتَابُوۡۤا اِلَّاۤ اَنۡ تَكُوۡنَ تِجَارَةً حَاضِرَةً
تُدِيۡرُوۡنَهَا بَيۡنَكُمۡ فَلَيۡسَ عَلَيۡكُمۡ جُنَاحٌ اَلَّا
تَكۡتُبُوۡهَا ؕ وَاَشۡهِدُوۡۤا اِذَا تَبَايَعۡتُمۡ وَلَا يُضَآرَّ كَاتِبٌ
وَّلَا شَهِيۡدٌ ؕ وَاِنۡ تَفۡعَلُوۡا فَاِنَّهٗ فُسُوۡقٌ ۢ بِكُمۡ ؕ وَ
اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ وَيُعَلِّمُكُمُ اللّٰهُ ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَىۡءٍ عَلِيۡمٌ ﴿٢٨٢﴾

اي مؤمنؤ! جڏهن ڪنهن مقرر مدت تائين قرض جو معاملو ڪريو تڏهن اُن کي لکو- ۽ اوهان جي وچ ۾ لکندڙ کي انصاف سان لکڻ گهرجي ۽ جيئن کيس الله سيکاريو آهي تيئن لکندڙ لکڻ کان انڪار نہ ڪري پوءِ لکڻ گهرجيس، ۽ جنهن تي قرض آهي سو (مطلب) بيان ڪري ۽ پنهنجي پالڻهار الله کان ڊڄڻ گهرجيس ۽ منجهانئس ڪجهہ نہ گهٽائي- پوءِ جنهن تي قرض آهي سو جيڪڏهن اَبوجهہ يا هيڻو هجي يا بيان ڪري نہ سگهي تہ سندس سنڀاليندڙ کي انصاف سان بيان ڪرڻ گهرجي- ۽ پنهنجن (مسلمانن) مردن مان ٻہ گواهہ شاهد ڪريو، پوءِ جيڪڏهن ٻہ مرد نہ هجن تہ هڪ مرد ۽ ٻہ زائفون (اُنهن) شاهدن مان جيڪي اوهان کي وڻن (شاهد ڪريو هن لاءِ) تہ جي اُنهن (ٻنهي) مان هڪڙي وساريندي تہ اُنهن مان ٻي کيس ياد ڏياريندي- ۽ جڏهن شاهد (شاهديءَ لاءِ) سڏيا وڃن تہ انڪار نہ ڪن- ۽ اُن جي مدت تائين ٿوري يا گهڻي (قرض) جي لکي ڏيڻ کان نہ ٿڪجو- اِهو (لکڻ) الله وٽ انصاف کي تمام ويجهو ۽ شاهديءَ لاءِ بلڪل سڌو آهي ۽ اوهان جي شڪ ۾ نہ پوڻ کي (بہ) ڏاڍو ويجهو آهي، پر جيڪڏهن اوهان جو واپار روبرو هجي جو اوهين هٿون هٿ پاڻ ۾ پيا ڪريو تہ اُن جي نہ لکڻ ۾ اوهان تي ڪو گناهہ نہ آهي- ۽ جڏهن ڏيو وٺو تہ شاهد ڪريو ۽ لکندڙ ۽ شاهد کي نہ ڏکوئجي- ۽ جيڪڏهن (اهڙو ڪم) ڪندؤ تہ اُهو اوهان کي گناهہ آهي- ۽ الله کان ڊڄو- ۽ الله اوهان کي سيکاري ٿو- ۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي (٢٨٢).

وَاِنْ كُنْتُمْ عَلٰى سَفَرٍ وَّلَمْ تَجِدُوْا كَاتِبًا فَرِهٰنٌ مَّقْبُوْضَةٌ ؕ فَاِنْ
اَمِنَ بَعْضُكُمْ بَعْضًا فَلْيُؤَدِّ الَّذِى اؤْتُمِنَ اَمَانَتَهٗ وَلْيَتَّقِ اللّٰهَ
رَبَّهٗ ؕ وَلَا تَكْتُمُوا الشَّهَادَةَ ؕ وَمَنْ يَّكْتُمْهَا فَاِنَّهٗۤ اٰثِمٌ قَلْبُهٗ ؕ وَ
اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ﴿٢٨٣﴾ لِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ ؕ
وَاِنْ تُبْدُوْا مَا فِىْۤ اَنْفُسِكُمْ اَوْ تُخْفُوْهُ يُحَاسِبْكُمْ بِهِ
اللّٰهُ ؕ فَيَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ
شَىْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٢٨٤﴾ اٰمَنَ الرَّسُوْلُ بِمَاۤ اُنْزِلَ اِلَيْهِ مِنْ رَّبِّهٖ وَ
الْمُؤْمِنُوْنَ ؕ كُلٌّ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَكُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ ۣ قف
لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْ رُّسُلِهٖ ۣ قف وَقَالُوْا سَمِعْنَا وَاَطَعْنَا
غُفْرَانَكَ رَبَّنَا وَاِلَيْكَ الْمَصِيْرُ ﴿٢٨٥﴾ لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا
وُسْعَهَا ؕ لَهَا مَا كَسَبَتْ وَعَلَيْهَا مَا اكْتَسَبَتْ ؕ رَبَّنَا لَا
تُؤَاخِذْنَاۤ اِنْ نَّسِيْنَاۤ اَوْ اَخْطَاْنَا ۚ رَبَّنَا وَلَا تَحْمِلْ عَلَيْنَاۤ
اِصْرًا كَمَا حَمَلْتَهٗ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِنَا ۚ رَبَّنَا وَلَا تُحَمِّلْنَا
مَا لَا طَاقَةَ لَنَا بِهٖ ۚ وَاعْفُ عَنَّا ٝ وقفة وَاغْفِرْ لَنَا ٝ وقفة وَارْحَمْنَا ٝ وقفة
اَنْتَ مَوْلٰىنَا فَانْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٨٦﴾ ع

۽ جيڪڏهن اوهين مسافريءَ ۾ هجو ۽ لکندڙ نہ لهو تہ (ڪا شيءِ) گروي قبضي ڪرڻ لازم آهي پوءِ جيڪڏهن اوهان مان هڪڙا ٻين تي اعتبار رکن تہ جنهن تي اعتبار رکيو ويو تنهن کي پنهنجي امانت (يعني قرض) ادا ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي پالڻهار الله کان ڊڄڻ گهرجي ۽ شاهدي نہ لڪايو- ۽ جيڪو ان کي لڪائيندو تہ بيشڪ سندس دل ڏوهارڻ آهي- ۽ جيڪي اوهان ڪندا آهيو سو الله ڄاڻندڙ آهي (٢٨٣). جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو الله جي ئي (ملڪيت) آهي- ۽ جيڪي اوهان جي دلين ۾ آهي سو جيڪڏهن پڌرو ڪريو توڻي اُهو لڪايو (تہ بہ) الله اوهان سان اُن جو حساب ڪندو پوءِ جنهن لاءِ گهرندو تنهن کي بخشيندو- ۽ جنهن لاءِ گهرندو تنهن کي عذاب ڪندو- ۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وسارو آهي (٢٨٤). پيغمبر (محمد ﷺ) ڏانهن جيڪي سندس پالڻهار کان لاٿو ويو سو اُن مڃيو آهي ۽ مؤمنن (بہ)- سڀ ڪنهن الله ۽ سندس ملائڪن ۽ سندس ڪتابن ۽ سندس رسولن کي مڃيو آهي (چون ٿا تہ) سندس پيغمبرن مان ڪنهن هڪ (جي مڃڻ) ۾ فرق نہ ڪندا آهيون، ۽ چيائون تہ ٻڌو سون ۽ (سندس حڪم) مڃيوسون. اي اسان جا پالڻهار! تنهنجي بخشش گهرون ٿا ۽ توڏانهن موٽڻو آهي (٢٨٥). الله ڪنهن کي سندس وس ڏاران تڪليف نہ ڏيند وآهي- جيڪي (چڱو) ڪمايائين سو سندس (فائدي) لاءِ آهي ۽ جيڪي (بڇڙو) ڪمايائين سو مٿس آهي. اي اسان جا پالڻهار! جيڪڏهن وساريون يا چُڪ ڪريون تہ اسان کي نہ پڪڙ، ۽ اي اسان جا پالڻهار! اسان تي اهڙو بار نہ رک جهڙو اسان کان اڳين تي رکيو هيئي، ۽ اي اسان جا پالڻهار! جنهن (بار) جي کڻڻ جي اسان کي سگهہ ڪانهي سو اسان تي نہ رک! ۽ اسان کي معاف ڪر! ۽ اسان کي بخش ۽ اسان تي مهر ڪر! تون اسان جو سائين آهين تنهن ڪري اسان کي ڪافر ٽوليءَ تي سوڀ ڏي! (٢٨٦).

## سُوْرَةُ اٰلِ عِمْرٰنَ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الٓمّٓ ۚ ﴿١﴾ اللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْحَيُّ الْقَيُّوْمُ ؕ ﴿٢﴾ نَزَّلَ عَلَيْكَ الْكِتٰبَ
بِالْحَقِّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ وَاَنْزَلَ التَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ ﴿٣﴾
مِنْ قَبْلُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَاَنْزَلَ الْفُرْقَانَ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا
بِاٰيٰتِ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ ذُو انْتِقَامٍ ؕ ﴿٤﴾
اِنَّ اللّٰهَ لَا يَخْفٰى عَلَيْهِ شَيْءٌ فِى الْاَرْضِ وَلَا فِى السَّمَآءِ ؕ ﴿٥﴾
هُوَ الَّذِيْ يُصَوِّرُكُمْ فِى الْاَرْحَامِ كَيْفَ يَشَآءُ ؕ لَآ اِلٰهَ اِلَّا
هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٦﴾ هُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ عَلَيْكَ الْكِتٰبَ مِنْهُ
اٰيٰتٌ مُّحْكَمٰتٌ هُنَّ اُمُّ الْكِتٰبِ وَاُخَرُ مُتَشٰبِهٰتٌ ؕ فَاَمَّا الَّذِيْنَ
فِيْ قُلُوْبِهِمْ زَيْغٌ فَيَتَّبِعُوْنَ مَا تَشَابَهَ مِنْهُ ابْتِغَآءَ
الْفِتْنَةِ وَابْتِغَآءَ تَاْوِيْلِهٖ ۚ وَمَا يَعْلَمُ تَاْوِيْلَهٗٓ اِلَّا اللّٰهُ ۘ وَ
الرّٰسِخُوْنَ فِى الْعِلْمِ يَقُوْلُوْنَ اٰمَنَّا بِهٖ ۙ كُلٌّ مِّنْ عِنْدِ رَبِّنَا ۚ
وَمَا يَذَّكَّرُ اِلَّآ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿٧﴾ رَبَّنَا لَا تُزِغْ قُلُوْبَنَا بَعْدَ اِذْ
هَدَيْتَنَا وَهَبْ لَنَا مِنْ لَّدُنْكَ رَحْمَةً ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْوَهَّابُ ﴿٨﴾

سورة آل عمران مدني آهي ۽ هيءَ به سؤ
آيتون ۽ ويه رڪوع آهي.

اللّٰه ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

الم (١). اللّٰه (اُهو آهي جو) اُن کان سواءِ ڪوئي عبادت جو لائق نہ آهي (جو سدائين) جيئرو (جڳ جي) ٻيهڪ ڏيڻ وارو آهي (٢). توتي (اُهو) ڪتاب سچ سان لاٿائين (جو) جيڪي (ڪتاب) کانئس اڳي اهن تن جي تصديق ڪندڙ آهي ۽ توريت ۽ انجيل کي لاٿائين (٣). اڳي ئي ماڻهن جي هدايت لاءِ ۽ (سچ ۽ ڪوڙ کي) سنڌو وجهندڙ لاٿائين. بيشڪ جن اللّٰه جي آيتن جو انڪار ڪيو تن لاءِ سخت عذاب آهي- ۽ اللّٰه غالب بدلي وٺڻ وارو آهي (۴). اللّٰه تي ڪائي شيءِ نڪي زمين ۾ ۽ نڪي آسمان ۾ ڳجهي رهندي آهي (٥). اُهو (اللّٰه) اهو آهي جيڪو (مائن) جي ڳهڻن ۾ جيئن گهرندو آهي (تيئن) اوهان جي شڪل ٺاهيندو آهي- اُن کان سواءِ ڪوئي عبادت جو لائق نہ آهي (اُهوئي) غالب حڪمت وارو آهي (٦). اُهو (اللّٰه) آهي جنهن تو تي ڪتاب لاٿو جنهن مان ڪي آيتون محڪم (يعني چٽي معنيٰ واريون) آهن اُهي ڪتاب جو اصل آهن ۽ ٻيون متشابہ (يعني گهڻن معنائن واريون)آهن، پوءِ جن جي دلين ۾ ڏنگائي آهي سي منجهانئس جيڪي متشابہ آهن تن جي پٺيان فتني پکيڙڻ ۽ سندن (مطلبي) مراد ڳولڻ لاءِ لڳندا آهن، ۽ اللّٰه کان سواءِ اُن جي مراد ڪوئي نہ ڄاڻندو آهي- ۽ (جيڪي) علم ۾ پختا (آهن سي) چوندا آهن تہ اُنهن کي مڃيوسون اِهي مڙئي اسان جي پالڻهار وٽان آهن، ۽ عقل وارن کان سواءِ (ٻيو) نصيحت نہ وٺندو آهي (٧). اي اسان جا پالڻهار! جڏهن تو اسان کي هدايت ڪئي تنهن کان پوءِ اسان جي دلين کي ڏنگائي نہ ڏي ۽ پاڻ وٽان اسان کي ٻاجھہ عطا ڪر، چو تہ تون ئي بخشڻهار آهين (٨).

رَبَّنَآ اِنَّكَ جَامِعُ النَّاسِ لِيَوْمٍ لَّا رَيْبَ فِيْهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُخْلِفُ
الْمِيْعَادَ ﴿۹﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَنْ تُغْنِيَ عَنْهُمْ اَمْوَالُهُمْ وَلَآ
اَوْلَادُهُمْ مِّنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ؕ وَاُولٰٓئِكَ هُمْ وَقُوْدُ النَّارِ ۙ﴿۱۰﴾ كَدَاْبِ
اٰلِ فِرْعَوْنَ ۙ وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۚ فَاَخَذَهُمُ
اللّٰهُ بِذُنُوْبِهِمْ ؕ وَاللّٰهُ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿۱۱﴾ قُلْ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا
سَتُغْلَبُوْنَ وَتُحْشَرُوْنَ اِلٰى جَهَنَّمَ ؕ وَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿۱۲﴾ قَدْ كَانَ
لَكُمْ اٰيَةٌ فِيْ فِئَتَيْنِ الْتَقَتَا ؕ فِئَةٌ تُقَاتِلُ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَاُخْرٰى
كَافِرَةٌ يَّرَوْنَهُمْ مِّثْلَيْهِمْ رَاْيَ الْعَيْنِ ؕ وَاللّٰهُ يُؤَيِّدُ بِنَصْرِهٖ
مَنْ يَّشَآءُ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَعِبْرَةً لِّاُولِى الْاَبْصَارِ ﴿۱۳﴾ زُيِّنَ
لِلنَّاسِ حُبُّ الشَّهَوٰتِ مِنَ النِّسَآءِ وَالْبَنِيْنَ وَالْقَنَاطِيْرِ
الْمُقَنْطَرَةِ مِنَ الذَّهَبِ وَالْفِضَّةِ وَالْخَيْلِ الْمُسَوَّمَةِ وَالْاَنْعَامِ
وَالْحَرْثِ ؕ ذٰلِكَ مَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَاللّٰهُ عِنْدَهٗ حُسْنُ
الْمَاٰبِ ﴿۱۴﴾ قُلْ اَؤُنَبِّئُكُمْ بِخَيْرٍ مِّنْ ذٰلِكُمْ ؕ لِلَّذِيْنَ اتَّقَوْا عِنْدَ
رَبِّهِمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا وَاَزْوَاجٌ
مُّطَهَّرَةٌ وَّرِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِالْعِبَادِ ۚ﴿۱۵﴾

اي اسان جا پالڻهار! تون اُن ڏينهن ۾ ماڻهن کي گڏ ڪندڙ آهين جنهن ۾
ڪو شڪ نہ آهي بيشڪ الله (پنهنجي) انجام کي نہ ڦيرائيندو آهي (٩).
بيشڪ جن ڪفر ڪيو تن کان ڪڏهن بہ سندن مال ۽ سندن اولاد الله
(جي عذاب) مان ڪجھ بہ نہ ٽاريندو۔ ۽ اِهي دوزخ جو ٻـل آهن (١٠).
(اُنهن جو حال) فرعونين جي ۽ اُنهن جي حال جهڙو آهي جي کانئن اڳ هئا
(اُنهن) اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڀانيو، پوءِ الله سندن گناهن سببان کين
پڪڙيو۔ ۽ الله سخت سزا ڏيندڙ آهي (١١). (اي پيغمبر!) ڪافرن کي چؤ تہ
سگهو هيناهان ٿيندؤ ۽ دوزخ ڏانهن گڏ ڪيا ويندؤ۔ ۽ (اُهو) بڇڙو هنڌ
آهي (١٢). اُنهن ٻـن ٽولين جي (پاڻ ۾) ويڙھ ڪرڻ ۾ اوهان لاءِ بي شڪ
نشاني آهي۔ هڪڙي ٽولي الله جي واٽ ۾ وڙهي ۽ ٻـي ڪافرن (جي) هئي
(مسلمانن) کين پاڻ کان ٻـيڻو اکين جي ڏيٺ سان ڏٺو ٿي۔ ۽ الله جنهن
کي وٽيس (تنهن کي) پنهنجي مدد سان سگھ ڏيندو آهي۔ جو تہ اُن ۾
(سمجھ جي) اکين وارن لاءِ ضرور عبرت آهي (١٣). ماڻهن لاءِ زالن ۽
پٽن ۽ سونَ ۽ چانديءَ جي (وڏن وڏن) سٿيلن ڍيرن ۽ نشان ڪيلن
گهوڙن ۽ ڍورن ۽ پوک جي خواهشن جي محبت سينگاري وئي آهي۔
اهو دنيا جي حياتيءَ جو سامان آهي، ۽ الله وٽ چڱو موٽڻ جو هنڌ
آهي (١٤). (اي پيغمبر! کين) چؤ تہ آءٌ ان کان ڀَليءَ (شيءِ) جي خبر
ڏيان؟ جن (شرڪ کان) پاڻ بچايو تن لاءِ سندن پالڻهار وٽ بهشت آهن
جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن منجهن سدائين رهڻ وارا آهن۔ ۽
پاڪ زالون ۽ (پڻ) الله جي پاران راضپو آهي۔ ۽ الله ٻانهن کي ڏسندڙ
آهي (١٥).

اَلَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اِنَّنَآ اٰمَنَّا فَاغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَا وَقِنَا
عَذَابَ النَّارِ ۚ ﴿۱۶﴾ اَلصّٰبِرِيْنَ وَالصّٰدِقِيْنَ وَالْقٰنِتِيْنَ
وَالْمُنْفِقِيْنَ وَالْمُسْتَغْفِرِيْنَ بِالْاَسْحَارِ ﴿۱۷﴾ شَهِدَ اللّٰهُ اَنَّهٗ
لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۙ وَالْمَلٰٓئِكَةُ وَاُولُوا الْعِلْمِ قَآئِمًاۢ بِالْقِسْطِ ؕ
لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ؕ ﴿۱۸﴾ اِنَّ الدِّيْنَ عِنْدَ اللّٰهِ
الْاِسْلَامُ ۫ وَمَا اخْتَلَفَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ
مَا جَآءَهُمُ الْعِلْمُ بَغْيًاۢ بَيْنَهُمْ ؕ وَمَنْ يَّكْفُرْ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ
فَاِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿۱۹﴾ فَاِنْ حَآجُّوْكَ فَقُلْ اَسْلَمْتُ
وَجْهِيَ لِلّٰهِ وَمَنِ اتَّبَعَنِ ؕ وَقُلْ لِّلَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ
وَالْاُمِّيّٖنَ ءَاَسْلَمْتُمْ ؕ فَاِنْ اَسْلَمُوْا فَقَدِ اهْتَدَوْا ۚ وَاِنْ
تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا عَلَيْكَ الْبَلٰغُ ؕ وَاللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿۲۰﴾ ع اِنَّ
الَّذِيْنَ يَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَيَقْتُلُوْنَ النَّبِيّٖنَ بِغَيْرِ
حَقٍّ ۙ وَّيَقْتُلُوْنَ الَّذِيْنَ يَاْمُرُوْنَ بِالْقِسْطِ مِنَ النَّاسِ ۙ
فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿۲۱﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ حَبِطَتْ
اَعْمَالُهُمْ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۫ وَمَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿۲۲﴾

جيڪي چوندا آهن ته اي اسان جا پالڻهار! اسان توکي مڃيو آهي تنهن ڪري اسان جا ڏوهه اسان کي بخش ۽ باهه جي عذاب کان اسان کي بچاءِ! (١٦) . اُهي صابر ۽ سچا ۽ تابعداري ڪندڙ ۽ سخي ۽ اسُر مهل جو بخشش گهرندڙ آهن (١٧). الله (هيءَ) گواهي ڏني آهي ته الله کان سواءِ ڪوئي عبادت جو لائق نه آهي ۽ ملائڪ ۽ علم وارا (به) انصاف تي قائم رهنديِ(اها شاهدي ڏيندا آهن)- اُن کان سواءِ ڪوئي عبادت جو لائق نه آهي اُهو غالب حڪمت وارو آهي (١٨). بيشڪ (وٽندڙ) دين الله وٽ اسلام آهي، ۽ جن کي ڪتاب (توريت ۽ انجيل) ڏنو ويو تن (اڳ) تڪرار نه ڪيو پر وٽن علم آيو تنهن کان پوءِ پاڻ ۾ ضد سببان (تڪرار ڪيائون)- ۽ جيڪو الله جي حڪمن کي نه مڃيندو ته بيشڪ الله (به) سگهو حساب وٺندڙ آهي (١٩). پوءِ جيڪڏهن توسان جهيڙين ته چؤ ته مون ۽ جنهن منهنجي تابعداري ڪئي تنهن پنهنجو منهن (يعني سر) الله لاءِ نوايو آهي- ۽ (اي پيغمبر!) جن کي ڪتاب (توريت ۽ انجيل) ڏنو ويو تن کي ۽ اڻ پڙهيلن کي چؤ ته اسلام آندو اٿو؟ (يا نه)- پوءِ جيڪڏهن اسلام آڻين ته بيشڪ سڌيءَ واٽ وارا ٿيا، ۽ جيڪڏهن ڦري وڃن ته تو تي رڳو پيغام پهچائڻ آهي- ۽ الله ٻانهن کي ڏسندڙ آهي (٢٠). بيشڪ جيڪي الله جي آيتن کي نٿا مڃين ۽ پيغمبرن کي ناحق ٿا ڪهن ۽ ماڻهن مان جيڪي (ڪين) انصاف جو حڪم ڪن ٿا تن کي ٿا ڪهن پوءِ کين ڏکوئيندڙ عذاب جي سُڌ ڏي (٢١). اِهي (اُهي) آهن جن جي ڪمائي دنيا آخرت ۾ ناس ٿي ويئي ۽ اُنهن جو ڪو مددگار ڪونهي (٢٢).

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ اُوْتُوْا نَصِيْبًا مِّنَ الْكِتٰبِ يُدْعَوْنَ اِلٰى كِتٰبِ
اللّٰهِ لِيَحْكُمَ بَيْنَهُمْ ثُمَّ يَتَوَلّٰى فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ وَهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿۲۳﴾
ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْا لَنْ تَمَسَّنَا النَّارُ اِلَّآ اَيَّامًا مَّعْدُوْدٰتٍ ۪ وَّغَرَّهُمْ
فِيْ دِيْنِهِمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿۲۴﴾ فَكَيْفَ اِذَا جَمَعْنٰهُمْ لِيَوْمٍ لَّا
رَيْبَ فِيْهِ ۣ وَوُفِّيَتْ كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿۲۵﴾
قُلِ اللّٰهُمَّ مٰلِكَ الْمُلْكِ تُؤْتِي الْمُلْكَ مَنْ تَشَآءُ وَتَنْزِعُ الْمُلْكَ
مِمَّنْ تَشَآءُ ۫ وَتُعِزُّ مَنْ تَشَآءُ وَتُذِلُّ مَنْ تَشَآءُ ۭ بِيَدِكَ الْخَيْرُ ۭ
اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۲۶﴾ تُوْلِجُ الَّيْلَ فِي النَّهَارِ وَتُوْلِجُ النَّهَارَ
فِي الَّيْلِ ۡ وَتُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَتُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ ۡ
وَتَرْزُقُ مَنْ تَشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿۲۷﴾ لَا يَتَّخِذِ الْمُؤْمِنُوْنَ
الْكٰفِرِيْنَ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ
ذٰلِكَ فَلَيْسَ مِنَ اللّٰهِ فِيْ شَيْءٍ اِلَّآ اَنْ تَتَّقُوْا مِنْهُمْ تُقٰىةً ۭ
وَيُحَذِّرُكُمُ اللّٰهُ نَفْسَهٗ ۭ وَاِلَى اللّٰهِ الْمَصِيْرُ ﴿۲۸﴾ قُلْ اِنْ
تُخْفُوْا مَا فِيْ صُدُوْرِكُمْ اَوْ تُبْدُوْهُ يَعْلَمْهُ اللّٰهُ ۭ وَيَعْلَمُ مَا
فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۲۹﴾

(اي پيغمبر!) جن کي ڪتاب مان ڪو ڀاڱو ڏنو ويو تن کي نه ڏٺو اٿيئي
ڇا؟ (جو) الله جي ڪتاب ڏانهن (هن لاءِ) سڏيا وڃن ٿا ته سندن وچ ۾
فيصلو ڪري پوءِ منجهانئن هڪ ٽولي ڦري ويندي آهي ۽ اُهي منهن موڙيندڙ
(ب) آهن (٢٣). اِهو هن ڪري آهي جو اُهي چون ٿا ته باهه ڪن ڳاڻٽين
ڏينهن کان سواءِ اسان کي ڪڏهن نه ڇهندي ۽ جيڪو ناهه ناهيندا رهيا
تنهن کين سندن دين ۾ ٺڳيو آهي (٢٤). پوءِ ڪهڙو (حال ٿيندن)؟
جڏهن کين اُهو ڏينهن جنهن ۾ ڪو شڪ نه آهي تنهن ۾ گڏ ڪنداسين ۽
سڀ ڪنهن ماڻهوءَ جيڪي ڪمايو تنهن جو کيس پورو بدلو ڏبو ۽ اُنهن
سان ظلم نه ڪبو (٢٥). (اي پيغمبر!)چؤ ته اي الله! ملڪ جا مالڪ!
جنهن کي گهرين تنهن کي بادشاهي ڏئين ۽ جنهن کان وٽيئي تنهن کان
بادشاهي کسين ۽ جنهن کي گهرين تنهن کي مانوارو ڪرين ۽ جنهن کي
وٽيئي تنهن کي ذليل ڪرين- تنهنجي هٿ ۾ چڱائي آهي. بيشڪ تون
سڀ ڪنهن شيءِ تي وسوارو آهين (٢٦). رات کي (گهٽائي) ڏينهن ۾
آڻين ٿو ۽ ڏينهن کي (گهٽائي) رات ۾ آڻين ٿو ۽ مئي مان جيئري کي
ڪڍين ٿو ۽ جيئري مان مئي کي ڪڍين ٿو ۽ جنهن کي گهرين تنهن کي
اڻ ڳڻي روزي ڏيندو آهين (٢٧). (گهرجي ته) مؤمن مؤمنن کانسواءِ ڪافرن
کي دوست نه بڻائين، ۽ جيڪو ائين ڪندو تنهن جو الله (جي دين) سان
(ڪو) واسطو نه آهي، هن کان سواءِ ته اُنهن (ڪافرن) کان، پاڻ بچائڻ
لاءِ بچاءُ ڪريو ۽ الله پاڻ کان اوهان کي ديڄاريندو آهي- ۽ الله ڏانهن موٽڻو
آهي (٢٨). (اي پيغمبر! کين) چؤ ته جيڪي اوهان جي دلين ۾ آهي سو
جي لڪائيندؤ يا اهو پڌرو ڪندؤ ته (ب) اُن کي الله ڄاڻندو آهي- ۽ الله سڀ
ڪنهن شيءِ تي وسوارو آهي (٢٩).

يَوْمَ تَجِدُ كُلُّ نَفْسٍ مَّا عَمِلَتْ مِنْ خَيْرٍ مُّحْضَرًا ۖ وَّمَا عَمِلَتْ مِنْ
سُوْٓءٍ ۚ تَوَدُّ لَوْ اَنَّ بَيْنَهَا وَبَيْنَهٗٓ اَمَدًا ۢ بَعِيْدًا ۗ وَيُحَذِّرُكُمُ اللّٰهُ
نَفْسَهٗ ۗ وَاللّٰهُ رَءُوْفٌ ۢ بِالْعِبَادِ ﴿۳۰﴾ قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ
يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ۗ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۳۱﴾ قُلْ
اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَالرَّسُوْلَ ۚ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۳۲﴾
اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰٓى اٰدَمَ وَنُوْحًا وَّاٰلَ اِبْرٰهِيْمَ وَاٰلَ عِمْرٰنَ عَلَى
الْعٰلَمِيْنَ ﴿۳۳﴾ ذُرِّيَّةً ۢ بَعْضُهَا مِنْ ۢ بَعْضٍ ۗ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۳۴﴾
اِذْ قَالَتِ امْرَاَتُ عِمْرٰنَ رَبِّ اِنِّيْ نَذَرْتُ لَكَ مَا فِيْ بَطْنِيْ
مُحَرَّرًا فَتَقَبَّلْ مِنِّيْ ۚ اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿۳۵﴾ فَلَمَّا وَضَعَتْهَا
قَالَتْ رَبِّ اِنِّيْ وَضَعْتُهَآ اُنْثٰى ۗ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا وَضَعَتْ ۗ وَ
لَيْسَ الذَّكَرُ كَالْاُنْثٰى ۚ وَاِنِّيْ سَمَّيْتُهَا مَرْيَمَ وَاِنِّيْٓ اُعِيْذُهَا
بِكَ وَذُرِّيَّتَهَا مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ﴿۳۶﴾ فَتَقَبَّلَهَا رَبُّهَا بِقَبُوْلٍ
حَسَنٍ وَّاَنْۢبَتَهَا نَبَاتًا حَسَنًا ۙ وَّكَفَّلَهَا زَكَرِيَّا ۗ كُلَّمَا دَخَلَ عَلَيْهَا
زَكَرِيَّا الْمِحْرَابَ ۙ وَجَدَ عِنْدَهَا رِزْقًا ۚ قَالَ يٰمَرْيَمُ اَنّٰى لَكِ هٰذَا ۗ
قَالَتْ هُوَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۗ اِنَّ اللّٰهَ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿۳۷﴾

اُنهيءَ ڏينهن سڀ ڪو (ماڻهو) جيڪو چڱو ڪم ڪيائين ۽ جيڪو بڇڙو ڪم ڪيائين تنهن کي آڏو لهندو، (بڇڙي ڪم کي ڏسي) گهرندو ته جيڪر سندس ۽ اُن جي وچ ۾ گهڻي ڊيگهه هجي ها- ۽ الله پاڻ کان اوهان کي ڊيڄاريندو آهي ۽ الله ٻانهن تي گهڻو مهربان آهي (٣٠). (اي پيغمبر!)چؤ ته جي اوهين الله کي دوست رکندا آهيو ته منهنجي تابعداري ڪريو ته الله اوهان کي دوست رکندو ۽ اوهان جا گناهه اوهان کي بخشيندو- ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (٣١). (اي پيغمبر! چؤ) ته الله ۽ پيغمبر جي فرمانبرداري ڪريو، پوءِ جيڪڏهن ڦري ويا ته بيشڪ الله (به) ڪافرن کي دوست نه رکندو آهي (٣٢). الله آدم ۽ نوح ۽ ابراهيم جي اولاد ۽ عِمران جي اولاد کي جهانن (وارن) تي سڳورو ڪيو آهي (٣٣). جو پاڻ ۾ هڪ ٻئي جو نسل آهن- ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٣٤). جڏهن عمران جي زال چيو ته اي منهنجا پالڻهار! جيڪي منهنجي پيٽ ۾ آهي سو تو لاءِ آزاد ڪيل نذر ڪيم تنهن ڪري مون کان قبول ڪر- بيشڪ تون ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهين (٣٥). پوءِ جڏهن اُن کي ڄڻيائين تڏهن چيائين ته اي منهنجا پالڻهار! مون ڌيءَ ڄڻي- ۽ جيڪي اُن ڄڻيو تنهن کي الله بهتر ڄاڻندڙ آهي- ۽ پٽ ڌيءَ جهڙو نه آهي، ۽ مون سندس نالو مريم رکيو ۽ آءٌ ان کي ۽ سندس نسل کي تڙيل شيطان (جي شر) کان تنهنجيءَ پناه ۾ سونپيان ٿي (٣٦). پوءِ اُن کي سندس پالڻهار چڱي قبولڻ سان قبوليو ۽ اُن کي چڱي پالڻ طرح پاليائين- ۽ سندس سنڀاليندڙ زڪريا کي ڪيائين- جڏهن به زڪريا مٿس حجري ۾ لنگهندو هو ته وٽس طعام (رکيل) لهندو هو- (هڪ وقت) چيائين ته اي مريم! هيءُ ڪٿان تو لاءِ (آيو) آهي؟ چيائين ته اهو الله وٽان (آيو) آهي- ڇو ته الله جنهن کي وڻيس (تنهن کي) اڻ ڳڻي روزي ڏيندو آهي (٣٧).

هُنَالِكَ دَعَا زَكَرِيَّا رَبَّهٗ ۚ قَالَ رَبِّ هَبْ لِيْ مِنْ لَّدُنْكَ ذُرِّيَّةً
طَيِّبَةً ۚ اِنَّكَ سَمِيْعُ الدُّعَآءِ ﴿٣٨﴾ فَنَادَتْهُ الْمَلٰٓئِكَةُ وَهُوَ قَآئِمٌ
يُّصَلِّيْ فِي الْمِحْرَابِ ۙ اَنَّ اللّٰهَ يُبَشِّرُكَ بِيَحْيٰى مُصَدِّقًۢا بِكَلِمَةٍ
مِّنَ اللّٰهِ وَسَيِّدًا وَّحَصُوْرًا وَّنَبِيًّا مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٣٩﴾ قَالَ رَبِّ
اَنّٰى يَكُوْنُ لِيْ غُلٰمٌ وَّقَدْ بَلَغَنِيَ الْكِبَرُ وَامْرَاَتِيْ عَاقِرٌ ؕ قَالَ
كَذٰلِكَ اللّٰهُ يَفْعَلُ مَا يَشَآءُ ﴿٤٠﴾ قَالَ رَبِّ اجْعَلْ لِّيْۤ اٰيَةً ؕ قَالَ
اٰيَتُكَ اَلَّا تُكَلِّمَ النَّاسَ ثَلٰثَةَ اَيَّامٍ اِلَّا رَمْزًا ؕ وَاذْكُرْ رَّبَّكَ
كَثِيْرًا وَّسَبِّحْ بِالْعَشِيِّ وَالْاِبْكَارِ ﴿٤١﴾ وَاِذْ قَالَتِ الْمَلٰٓئِكَةُ
يٰمَرْيَمُ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰىكِ وَطَهَّرَكِ وَاصْطَفٰىكِ عَلٰى
نِسَآءِ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٢﴾ يٰمَرْيَمُ اقْنُتِيْ لِرَبِّكِ وَاسْجُدِيْ وَارْكَعِيْ
مَعَ الرّٰكِعِيْنَ ﴿٤٣﴾ ذٰلِكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الْغَيْبِ نُوْحِيْهِ اِلَيْكَ ؕ وَمَا
كُنْتَ لَدَيْهِمْ اِذْ يُلْقُوْنَ اَقْلَامَهُمْ اَيُّهُمْ يَكْفُلُ مَرْيَمَ ۪ وَمَا
كُنْتَ لَدَيْهِمْ اِذْ يَخْتَصِمُوْنَ ﴿٤٤﴾ اِذْ قَالَتِ الْمَلٰٓئِكَةُ يٰمَرْيَمُ
اِنَّ اللّٰهَ يُبَشِّرُكِ بِكَلِمَةٍ مِّنْهُ ۖۗ اسْمُهُ الْمَسِيْحُ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ
وَجِيْهًا فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَمِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ ﴿٤٥﴾ ۙ

اُتي زڪريا پنهنجي پالڻهار کي سڏيو، چيائين اي منهنجا پالڻهار! پاڻ وٽان
مون کي ڀلو اولاد بخش، ڇو ته تون دعا جو ٻڌندڙ آهين (٣٨). پوءِ
ملائڪن سڏيس ۽ اُن حجري ۾ بيٺي نماز پڙهي ٿي (ملائڪن چيس ته)
الله توکي يحيٰ (جي ڄمڻ) جي خوشخبري ڏئي ٿو جو الله جي حڪم
(سان پيدا ٿيل عيسيٰ) جو سچو ڪندڙ ۽ سردار ۽ سَتو جَتو ۽ صالحن مان
پيغمبر آهي (٣٩). چيائين ته اي منهنجا پالڻهار! مون کي پٽ ڪيئن ٿيندو
جو بيشڪ مون کي پوڙهائي اچي رسي آهي ۽ منهنجي زال سَنڍ آهي
(ملائڪ) چيو ته الله جيڪي گهرندو آهي سو اهڙيءَ طرح ڪندو
آهي (٤٠). چيائين ته اي منهنجا پالڻهار! مون لاءِ ڪا نشاني مقرر ڪر.
(الله) فرمايو ته تنهنجي نشاني (هيءَ) آهي ته تي ڏينهن اشاري کان سواءِ
ماڻهن سان ڳالهائي نه سگهندين ۽ پنهنجي پالڻهار کي گهڻو ياد ڪر ۽ صبح
جو ۽ سانجهيءَ جو ساراهه (٤١). ۽ (ياد ڪر) جڏهن ملائڪن چيو ته اي
مريم! الله توکي سڳورو ڪيو ۽ توکي پاڪ ڪيائين ۽ توکي جهانن
جي زائفن تي سڳورو ڪيائين (٤٢). اي مريم! پنهنجي پالڻهار جي
فرمانبرداري ڪر ۽ سجدو ڪر ۽ رڪوع ڪندڙن سان گڏجي رڪوع
ڪر. (٤٣). اِها ڳجهين خبرن مان آهي اُن کي تو ڏانهن وحي ڪيوسون.
۽ (تون) تڏهن وٽن نه هئين جڏهن پنهنجا قلم (پُڪن لاءِ نهر ۾) وڌائون ٿي
ته اُنهن مان ڪير مريم کي سنڀاليندو ۽ تڏهن به وٽن نه هئين جڏهن
تڪرار ڪندا رهيا (٤٤). جڏهن ملائڪن مريم کي چيو ته اي مريم! الله
پاڻ وٽان توکي هڪ (خاص) حڪم (سان پيدا ڪيل پٽ) جي
خوشخبري ڏئي ٿو سندس نالو مسيح عيسيٰ پٽ مريم جو دنيا ۽ آخرت ۾
مرتبي وارو ۽ ويجهن ٻانهن مان ٿيندو (٤٥).

وَيُكَلِّمُ النَّاسَ فِي الْمَهْدِ وَكَهْلًا وَّمِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٤٦﴾ قَالَتْ
رَبِّ اَنّٰى يَكُوْنُ لِيْ وَلَدٌ وَّلَمْ يَمْسَسْنِيْ بَشَرٌ ؕ قَالَ كَذٰلِكِ اللّٰهُ
يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ؕ اِذَا قَضٰۤى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿٤٧﴾
وَيُعَلِّمُهُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَالتَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ ۚ﴿٤٨﴾ وَرَسُوْلًا اِلٰى
بَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ ۙ۬ اَنِّيْ قَدْ جِئْتُكُمْ بِاٰيَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ ۙۚ اَنِّيْۤ اَخْلُقُ
لَكُمْ مِّنَ الطِّيْنِ كَهَيْـَٔةِ الطَّيْرِ فَاَنْفُخُ فِيْهِ فَيَكُوْنُ طَيْرًا بِاِذْنِ
اللّٰهِ ۚ وَاُبْرِئُ الْاَكْمَهَ وَالْاَبْرَصَ وَاُحْيِ الْمَوْتٰى بِاِذْنِ اللّٰهِ ۚ وَ
اُنَبِّئُكُمْ بِمَا تَاْكُلُوْنَ وَمَا تَدَّخِرُوْنَ ۙ فِيْ بُيُوْتِكُمْ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ
لَاٰيَةً لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۚ﴿٤٩﴾ وَمُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيَّ مِنَ
التَّوْرٰىةِ وَلِاُحِلَّ لَكُمْ بَعْضَ الَّذِيْ حُرِّمَ عَلَيْكُمْ وَجِئْتُكُمْ
بِاٰيَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ ۫ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿٥٠﴾ اِنَّ اللّٰهَ رَبِّيْ وَرَبُّكُمْ
فَاعْبُدُوْهُ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿٥١﴾ فَلَمَّاۤ اَحَسَّ عِيْسٰى مِنْهُمُ
الْكُفْرَ قَالَ مَنْ اَنْصَارِيْۤ اِلَى اللّٰهِ ؕ قَالَ الْحَوَارِيُّوْنَ نَحْنُ
اَنْصَارُ اللّٰهِ ۚ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ ۚ وَاشْهَدْ بِاَنَّا مُسْلِمُوْنَ ﴿٥٢﴾ رَبَّنَاۤ اٰمَنَّا
بِمَاۤ اَنْزَلْتَ وَاتَّبَعْنَا الرَّسُوْلَ فَاكْتُبْنَا مَعَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿٥٣﴾

۽ ماڻهن سان ڳالهائيندو پينگهي ۾ (ننڍي هوندي) ۽ جوانيءَ ۾ (به) ۽ صالحن مان هوندو (۴٦) . چيائين ته اي منهنجا پالڻهار! مون کي ڪيئن ٻار ٿيندو؟ جو مون کي (ڪنهن) ماڻهوءَ هٿ ئي نه لاتو آهي- (ملائڪ) چيو ته الله جيڪي گهرندو آهي سو اهڙي طرح پيدا ڪندو آهي- جڏهن ڪو ڪم ڪندو آهي ته اُن لاءِ رڳو چوندو آهي: ٿيءُ، ته ٿي پوندو آهي (۴٧) . ۽ کيس ڪتاب ۽ دانائي ۽ توريت ۽ انجيل سيکاريندو (۴٨) . ۽ (اُن کي) بني اسرائيلن ڏانهن پيغمبر ڪري موڪليندو (عيسيٰ چيو ته) مون اوهان جي پالڻهار وٽان نشاني آندي آهي ته آءٌ اوهان لاءِ مٽيءَ مان پکيءَ جي شڪل جهڙو (بوتو) ٺاهيندس پوءِ منجهس ڦوڪيندس ته الله جي حڪم سان پکي ٿيندو، ۽ (مادر زاد) انڌي ۽ ڪوڙهي کي چڱو ڪندس ۽ الله جي حڪم سان مُئي کي جياريندس، ۽ جيڪي کائيندا آهيو ۽ جيڪي پنهنجن گهرن ۾ سانڍيندا آهيو سو اوهان کي ڏسيندس- جيڪڏهن اوهين مڃيندڙ آهيو ته اوهان لاءِ اُن ۾ هڪ نشاني آهي(۴٩) . ۽ جيڪو مون کان اڳ توريت (جو ڪتاب) آيل آهي تنهن جو سچو ڪندڙ آهيان ۽ جيڪي (شيون) اوهان تي حرام ڪيل آهن تن مان ڪي اوهان لاءِ حلال ڪندس ۽ اوهانجي پالڻهار وٽان اوهان لاءِ نشاني آندي اٿم پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجي تابعداري ڪريو (٥٠) . بيشڪ الله منهنجو پالڻهار ۽ اوهان جو پالڻهار آهي تنهن ڪري سندس عبادت ڪريو- اِها سنئين واٽ آهي (٥١) . پوءِ جنهن مهل عيسيٰ کانئن ڪفر (جا ڪم) اکين سان ڏٺا (تنهن مهل) چيائين ته الله (جي دين) ڏانهن منهنجا مددگار ڪير آهن؟ حوارين چيو ته اسين الله (جي دين) جا مددگار آهيون، الله کي مڃيوسون، ۽ شاهدي ڏج ته اسين پڪ مسلمان آهيون (٥٢) . (چيائون ته) اي اسان جا پالڻهار! جيڪي تو لاٿو سو مڃيوسون ۽ (هن) پيغمبر جي تابعداري ڪئي سون تنهنڪري اسان کي شاهدن مان لک (٥٣) .

وَمَكَرُوۡا وَمَكَرَ اللّٰهُ ؕ وَاللّٰهُ خَيۡرُ الۡمٰكِرِيۡنَ ﴿٥٤﴾ اِذۡ قَالَ اللّٰهُ
يٰعِيۡسٰۤى اِنِّىۡ مُتَوَفِّيۡكَ وَرَافِعُكَ اِلَىَّ وَمُطَهِّرُكَ مِنَ الَّذِيۡنَ
كَفَرُوۡا وَجَاعِلُ الَّذِيۡنَ اتَّبَعُوۡكَ فَوۡقَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اِلٰى
يَوۡمِ الۡقِيٰمَةِ ۚ ثُمَّ اِلَىَّ مَرۡجِعُكُمۡ فَاَحۡكُمُ بَيۡنَكُمۡ فِيۡمَا كُنۡتُمۡ
فِيۡهِ تَخۡتَلِفُوۡنَ ﴿٥٥﴾ فَاَمَّا الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا فَاُعَذِّبُهُمۡ عَذَابًا
شَدِيۡدًا فِى الدُّنۡيَا وَالۡاٰخِرَةِ وَمَا لَهُمۡ مِّنۡ نّٰصِرِيۡنَ ﴿٥٦﴾ وَاَمَّا
الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَيُوَفِّيۡهِمۡ اُجُوۡرَهُمۡ ؕ وَ
اللّٰهُ لَا يُحِبُّ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿٥٧﴾ ذٰلِكَ نَتۡلُوۡهُ عَلَيۡكَ مِنَ الۡاٰيٰتِ وَ
الذِّكۡرِ الۡحَكِيۡمِ ﴿٥٨﴾ اِنَّ مَثَلَ عِيۡسٰى عِنۡدَ اللّٰهِ كَمَثَلِ اٰدَمَ ؕ خَلَقَهٗ
مِنۡ تُرَابٍ ثُمَّ قَالَ لَهٗ كُنۡ فَيَكُوۡنُ ﴿٥٩﴾ اَلۡحَقُّ مِنۡ رَّبِّكَ فَلَا
تَكُنۡ مِّنَ الۡمُمۡتَرِيۡنَ ﴿٦٠﴾ فَمَنۡ حَآجَّكَ فِيۡهِ مِنۡۢ بَعۡدِ مَا جَآءَكَ
مِنَ الۡعِلۡمِ فَقُلۡ تَعَالَوۡا نَدۡعُ اَبۡنَآءَنَا وَاَبۡنَآءَكُمۡ وَنِسَآءَنَا وَ
نِسَآءَكُمۡ وَاَنۡفُسَنَا وَاَنۡفُسَكُمۡ ثُمَّ نَبۡتَهِلۡ فَنَجۡعَلۡ لَّعۡنَتَ اللّٰهِ
عَلَى الۡكٰذِبِيۡنَ ﴿٦١﴾ اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الۡقَصَصُ الۡحَقُّ ۚ وَمَا مِنۡ
اِلٰهٍ اِلَّا اللّٰهُ ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ لَهُوَ الۡعَزِيۡزُ الۡحَكِيۡمُ ﴿٦٢﴾

۽ (يهودين) رٿ رٿي ۽ الله بہ (ڳجهي) رٿ رٿي ۽ الله بهتر (ڳجهي) رٿ رٿيندڙ آهي (٥٤). (ياد ڪر) جڏهن الله چيو تہ اي عيسيٰ آءٌ توکي ماريندڙ ۽ توکي پاڻ ڏانهن مٿي کڻندڙ آهيان ۽ جن ڪفر ڪيو تن (جي بهتانن) کان توکي پاڪ ڪندڙ آهيان ۽ جن تنهنجي تابعداري ڪئي تن کي قيامت تائين ڪافرن تي مٿاهون (غالب) ڪندڙ آهيان، وري مون ڏانهن اوهان جو موٽڻ آهي پوءِ اوهان جي وچ ۾ جنهن ڳالهہ بابت اوهين تڪرار ڪندا آهيو (تنهن بابت) نبيرو ڪندس (٥٥). پوءِ (اُنهن مان) جن ڪفر ڪيو تن کي دنيا ۽ آخرت ۾ بلڪل سخت سزا ڏيندس ۽ اُنهن جو ڪو مددگار نہ آهي (٥٦). ۽ (اُنهن مان) جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي (الله) سندن اجورا پورا ڏيندو۔ ۽ الله ظالمن کي دوست نہ رکندو آهي (٥٧). اهو (قصو) جو توتي پڙهون ٿا سو نشانين ۽ حڪمت واري ڪتاب مان آهي (٥٨). الله وٽ عيسيٰ (جي پيدا ڪرڻ) جو مثال آدم جي مثال جهڙو ئي آهي اُن (آدم) کي مٽيءَ مان بڻايائين وري اُن لاءِ چيائين تہ ٿيءُ، تہ ٿي پيو (٥٩). (اها ڳالهہ) تنهنجي پالڻهار وٽان سچي آهي تنهنڪري شڪ ڪندڙن مان نہ هج (٦٠). پوءِ اُن کان بعد جو تو وٽ علم آيو جيڪو تو سان ان بابت جهڳڙو ڪري تہ چؤ تہ اچو تہ (اسين) پنهنجن پٽن ۽ اوهان جي پٽن ۽ پنهنجين زالن ۽ اوهان جي زالن ۽ پاڻ کي ۽ اوهان کي سڏيون پوءِ (گڏجي پاراتي جي) زاريءَ سان دعا گهرون پوءِ الله جي لعنت ڪوڙن تي ڪريون (٦١). اهو قصو ضرور سچو آهي، ۽ الله کانسواءِ ڪوئي عبادت جو لائق نہ آهي۔ ۽ الله ئي يقيناً غالب حڪمت وارو آهي (٦٢).

فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِالْمُفْسِدِيْنَ ﴿۶۳﴾ قُلْ يٰۤاَهْلَ
الْكِتٰبِ تَعَالَوْا اِلٰى كَلِمَةٍ سَوَآءٍۭ بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ اَلَّا نَعْبُدَ اِلَّا
اللّٰهَ وَلَا نُشْرِكَ بِهٖ شَيْـًٔا وَّلَا يَتَّخِذَ بَعْضُنَا بَعْضًا اَرْبَابًا
مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقُوْلُوا اشْهَدُوْا بِاَنَّا مُسْلِمُوْنَ ﴿۶۴﴾
يٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ تُحَآجُّوْنَ فِيْۤ اِبْرٰهِيْمَ وَمَاۤ اُنْزِلَتِ التَّوْرٰىةُ
وَالْاِنْجِيْلُ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِهٖ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۶۵﴾ هٰۤاَنْتُمْ
هٰۤؤُلَآءِ حَاجَجْتُمْ فِيْمَا لَكُمْ بِهٖ عِلْمٌ فَلِمَ
تُحَآجُّوْنَ فِيْمَا لَيْسَ لَكُمْ بِهٖ عِلْمٌ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ وَاَنْتُمْ
لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۶۶﴾ مَا كَانَ اِبْرٰهِيْمُ يَهُوْدِيًّا وَّلَا نَصْرَانِيًّا وَّ
لٰكِنْ كَانَ حَنِيْفًا مُّسْلِمًا ؕ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۶۷﴾
اِنَّ اَوْلَى النَّاسِ بِاِبْرٰهِيْمَ لَلَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ وَهٰذَا
النَّبِيُّ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ؕ وَاللّٰهُ وَلِيُّ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۶۸﴾
وَدَّتْ طَّآئِفَةٌ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ لَوْ يُضِلُّوْنَكُمْ ؕ
وَمَا يُضِلُّوْنَ اِلَّاۤ اَنْفُسَهُمْ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ﴿۶۹﴾ يٰۤاَهْلَ
الْكِتٰبِ لِمَ تَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَاَنْتُمْ تَشْهَدُوْنَ ﴿۷۰﴾

پوءِ جيڪڏهن ڦرن ته بيشڪ الله (ب) فسادين کي ڄاڻندڙ آهي (٦٣). (اي
پيغمبر!)چؤ ته اي ڪتاب وارؤ! هڪ ڳالھ ڏانهن اچو جا اسان ۽ اوهان
جي وچ ۾ هڪ جهڙي آهي (اُها هيءَ آهي) ته الله کان سواءِ ڪنهن جي
عبادت نه ڪريون ۽ نڪي ساڻس ڪنهن شيءِ کي شريڪ ڪريون ۽
نڪي اسان مان ڪو ڪنهن کي (ب) الله کانسواءِ پالڻهار ڪري مڃي- پوءِ
جيڪڏهن ڦرن ته چئو ته شاهد هجو ته اسين پڪ مسلمان آهيون (٦٤). اي
ڪتاب وارؤ! ابراهيم بابت ڇالاءِ جهڳڙو ڪريو ٿا؟ ۽ حالانڪ توريت ۽
انجيل نه لاٿا ويا پر ڪانئس پوءِ. پوءِ اوهين نه سمجهندا آهيو ڇا؟ (٦٥). (اي
يهوديؤ!)اوهين اُهي آهيو جو جنهن جي اوهان کي علم آهي تنهن بابت
جهڳڙو ڪندا آهيو پر جنهن جي اوهان کي ڪا علم آهي ئي نه تنهن
بابت ڇو جهڳڙو ڪندا آهيو؟ ۽ الله ڄاڻندو آهي ۽ اوهين نه ڄاڻندا
آهيو (٦٦). ابراهيم نڪي يهودي هو ۽ نڪي نصراني (هو) پر حنيف
(هڪ طرفو) مسلمان هو- ۽ مشرڪن مان نه هو (٦٧). ابراهيم کي اُهي
ماڻهو ويجها آهن جن سندس تابعداري ڪئي ۽ (پڻ) هيءُ پيغمبر ۽ جن
(مٿس) ايمان آندو- ۽ الله مؤمنن جو سنڀاليندڙ آهي (٦٨). ڪتابن وارن
مان ڪا ٽولي گهرندي آهي ته جيڪر اوهان کي ڀُلائين- ۽ اُهي پاڻ کان
سواءِ (ٻئي) ڪنهن کي نه ڀلائيندا آهن ۽ نه سمجهندا آهن (٦٩). اي
ڪتاب وارؤ! الله جي آيتن کي ڇا لاءِ نٿا مڃيو؟ ۽ (حقيقت ڪري)
اوهين شاهدي ڏيو ٿا (٧٠).

يٰۤاَهۡلَ الۡكِتٰبِ لِمَ تَلۡبِسُوۡنَ الۡحَـقَّ بِالۡبَاطِلِ وَتَكۡتُمُوۡنَ الۡحَـقَّ
وَاَنۡتُمۡ تَعۡلَمُوۡنَ ۝۷۱ وَقَالَتۡ طَّآئِفَةٌ مِّنۡ اَهۡلِ الۡكِتٰبِ اٰمِنُوۡا بِالَّذِىۡۤ
اُنۡزِلَ عَلَى الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَجۡهَ النَّهَارِ وَاكۡفُرُوۡۤا اٰخِرَهٗ لَعَلَّهُمۡ
يَرۡجِعُوۡنَ ۝۷۲ وَلَا تُؤۡمِنُوۡۤا اِلَّا لِمَنۡ تَبِعَ دِيۡنَكُمۡ ؕ قُلۡ اِنَّ الۡهُدٰى
هُدَى اللّٰهِ ۙ اَنۡ يُّؤۡتٰٓى اَحَدٌ مِّثۡلَ مَاۤ اُوۡتِيۡتُمۡ اَوۡ يُحَآجُّوۡكُمۡ
عِنۡدَ رَبِّكُمۡ ؕ قُلۡ اِنَّ الۡفَضۡلَ بِيَدِ اللّٰهِ ۚ يُؤۡتِيۡهِ مَنۡ يَّشَآءُ ؕ
وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيۡمٌ ۝۷۳ يَّخۡتَصُّ بِرَحۡمَتِهٖ مَنۡ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ
ذُو الۡفَضۡلِ الۡعَظِيۡمِ ۝۷۴ وَمِنۡ اَهۡلِ الۡكِتٰبِ مَنۡ اِنۡ تَاۡمَنۡهُ
بِقِنۡطَارٍ يُّؤَدِّهٖۤ اِلَيۡكَ ۚ وَمِنۡهُمۡ مَّنۡ اِنۡ تَاۡمَنۡهُ بِدِيۡنَارٍ لَّا
يُؤَدِّهٖۤ اِلَيۡكَ اِلَّا مَا دُمۡتَ عَلَيۡهِ قَآئِمًا ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمۡ قَالُوۡا
لَيۡسَ عَلَيۡنَا فِى الۡاُمِّيّٖنَ سَبِيۡلٌ ۚ وَيَقُوۡلُوۡنَ عَلَى اللّٰهِ الۡكَذِبَ وَ
هُمۡ يَعۡلَمُوۡنَ ۝۷۵ بَلٰى مَنۡ اَوۡفٰى بِعَهۡدِهٖ وَاتَّقٰى فَاِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ
الۡمُتَّقِيۡنَ ۝۷۶ اِنَّ الَّذِيۡنَ يَشۡتَرُوۡنَ بِعَهۡدِ اللّٰهِ وَاَيۡمَانِهِمۡ ثَمَنًا
قَلِيۡلًا اُولٰٓئِكَ لَا خَلَاقَ لَهُمۡ فِى الۡاٰخِرَةِ وَلَا يُكَلِّمُهُمُ اللّٰهُ وَلَا
يَنۡظُرُ اِلَيۡهِمۡ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ وَلَا يُزَكِّيۡهِمۡ وَلَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ۝۷۷

اي ڪتاب وارؤ! ڇا لاءِ سچ کي ڪوڙ سان ملائيندا آهيو ۽ سچ کي لڪائيندا آهيو؟ هن هوندي (بہ) جو اوهين ڄاڻندا آهيو (٧١) . ۽ اهل ڪتاب مان ڪا ٽولي (پاڻ ۾) چوي ٿي تہ جيڪي مؤمنن تي لاٿو ويو آهي تنهن کي (مؤمنن وٽ) ڏينهن جي اڳياڙيءَ ۾ مڃيو ۽ اُن جي پوياڙيءَ ۾ انڪار ڪريو تہ مانَ اُهي (شڪ ۾ پئجي دين کان) ڦري وڃن (٧٢) . ۽ جيڪو اوهان جي دين جي تابعداري ڪري تنهن کان سواءِ (ٻئي) ڪنهن کي نہ مڃيو (اي پيغمبر کين) چؤ تہ هدايت الله واري هدايت آهي (۽ چون ٿا تہ متان مڃيو) تہ جهڙو (دين) اوهان کي ڏنو ويو آهي تهڙو ڪنهن (ٻئي) کي ڏنو ويندو يا اوهان جي پالڻهار وٽ اوهان تي حجت قائم ڪندا۔ ( اي پيغمبر! کين) چؤ تہ ڀلائي الله جي هٿ ۾ آهي، جنهن کي وڻيس تنهن کي اُها ڏيندو آهي- ۽ الله (مهربانيءَ ۾) ڪشادگيءَ وارو ڄاڻندڙ آهي (٧٣) . جنهن کي وڻيس تنهن کي پنهنجيءَ ٻاجهہ سان خاص ڪندو آهي- ۽ الله وڏي فضل وارو آهي (٧۴) . ۽ اهل ڪتاب مان ڪي اهڙا آهن جو جيڪڏهن وٽن تمام گهڻو مال امانت رکين تہ اُهو (سمورو) توکي ورائي ڏيندا، ۽ منجهانئن ڪي اُهڙا آهن جو جيڪڏهن وٽن هڪ دينار (اشرفي) امانت رکين تہ مٿن سدائين بيهي (مطالبي ڪرڻ) کان سواءِ توکي ورائي نہ ڏيندا۔ اهو (نہ ڏيڻ) هن سببان آهي جو چون ٿا تہ اَڻ پڙهيلن (جي مال کسڻ) ۾ اسان کي ڪا پڪڙ پڇاڙ نہ آهي ۽ الله تي اهي ڄاڻ هوندي بہ ڪوڙ چوندا آهن (٧٥) . هائو! جنهن پنهنجو انجام پاڙيو ۽ ڊنو تہ بيشڪ الله ڊڄندڙن کي دوست رکندو آهي (٧٦) . جيڪي الله سان ڪيلن انجامن ۽ پنهنجن قسمن جي عوض ٿورو ملهہ وٺندا آهن اِهي (اُهي) آهن جن کي آخرت ۾ ڪو بهرو نہ آهي ۽ نڪي قيامت جي ڏينهن الله ساڻن ڳالهائيندو ۽ نڪي اُنهن ڏانهن نهاريندو ۽ نڪي کين (گناهن کان) پاڪ ڪندو ۽ اُنهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (٧٧) .

وَإِنَّ مِنْهُمْ لَفَرِيْقًا يَّلْوٗنَ أَلْسِنَتَهُمْ بِالْكِتٰبِ لِتَحْسَبُوْهُ
مِنَ الْكِتٰبِ وَمَا هُوَ مِنَ الْكِتٰبِ ۚ وَيَقُوْلُوْنَ هُوَ مِنْ عِنْدِ
اللّٰهِ وَمَا هُوَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۚ وَيَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ وَ
هُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿٧٨﴾ مَا كَانَ لِبَشَرٍ أَنْ يُّؤْتِيَهُ اللّٰهُ الْكِتٰبَ
وَالْحُكْمَ وَالنُّبُوَّةَ ثُمَّ يَقُوْلَ لِلنَّاسِ كُوْنُوْا عِبَادًا لِّيْ مِنْ
دُوْنِ اللّٰهِ وَلٰكِنْ كُوْنُوْا رَبّٰنِيّٖنَ بِمَا كُنْتُمْ تُعَلِّمُوْنَ الْكِتٰبَ
وَبِمَا كُنْتُمْ تَدْرُسُوْنَ ﴿٧٩﴾ لا وَلَا يَأْمُرَكُمْ أَنْ تَتَّخِذُوا
الْمَلٰٓئِكَةَ وَالنَّبِيّٖنَ أَرْبَابًا ۗ أَيَأْمُرُكُمْ بِالْكُفْرِ بَعْدَ إِذْ
أَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿٨٠﴾ ع وَإِذْ أَخَذَ اللّٰهُ مِيْثَاقَ النَّبِيّٖنَ لَمَآ
اٰتَيْتُكُمْ مِّنْ كِتٰبٍ وَّحِكْمَةٍ ثُمَّ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مُّصَدِّقٌ
لِّمَا مَعَكُمْ لَتُؤْمِنُنَّ بِهٖ وَلَتَنْصُرُنَّهٗ ۗ قَالَ ءَأَقْرَرْتُمْ وَأَخَذْتُمْ
عَلٰى ذٰلِكُمْ إِصْرِيْ ۗ قَالُوْٓا أَقْرَرْنَا ۗ قَالَ فَاشْهَدُوْا وَأَنَا مَعَكُمْ
مِّنَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿٨١﴾ فَمَنْ تَوَلّٰى بَعْدَ ذٰلِكَ فَأُولٰٓئِكَ هُمُ
الْفٰسِقُوْنَ ﴿٨٢﴾ أَفَغَيْرَ دِيْنِ اللّٰهِ يَبْغُوْنَ وَلَهٗٓ أَسْلَمَ مَنْ فِي
السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضِ طَوْعًا وَّكَرْهًا وَّإِلَيْهِ يُرْجَعُوْنَ ﴿٨٣﴾

۽ منجهانئن هڪ ٽولي آهي جا ڪتاب (پڙهڻ) ۾ پنهنجين زبانن کي هن لاءِ وچڙائيندي آهي تہ ان کي اوهين ڪتاب مان ڀانيو ۽ (حقيقت ڪري) اُهو ڪتاب مان نہ آهي، ۽ (پڻ) چوندا آهن تہ اُهو الله وٽان آهي ۽ (حقيقت ڪري) اُهو الله وٽان نہ آهي، ۽ اُهي ڄاڻ هوندي الله تي ڪوڙ چوندا آهن (٧٨). ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي نہ جڳائيندو آهي جو الله کيس ڪتاب ۽ دانائي ۽ پيغمبري ڏئي اُهو وري ماڻهن کي چوي تہ الله کان سواءِ منهنجا ٻانها ٿيو (اُهو ائين ڪڏهن نہ چوندو) پر (چوندو تہ) رب جا (سچا ٻانهان) ٿيو انهيءَ ڪري جو ڪتاب سيکاريو ٿا ۽ (پڻ) انهيءَ ڪري جو پڙهو ٿا (٧٩). ۽ ملائڪن ۽ پيغمبرن کي رب ڪري مڃڻ جو اوهان کي حڪم نہ ڪندو۔ جڏهن اوهين مسلمان (يعني حڪم مڃڻ لاءِ تيار) ٿيا هجو تہ پوءِ اوهان کي ڇو ڪفر جو حڪم ڪندو؟ (٨٠). ۽ (ياد ڪر) جڏهن الله (سيني) پيغمبرن کان انجام ورتو تہ جيڪي ڪتاب ۽ حڪمت اوهان کي ڏيان تنهن کان پوءِ (ٻيو) هڪ پيغمبر جيڪو (علم) اوهان وٽ آهي تنهن جو سچو ڪندڙ اوهان وٽ اچي تہ کيس ضرور مڃجو ۽ کيس ضرور مدد ڏجو۔ (الله) چيو تہ اوهين اِقرار ڪري چُڪؤ؟ ۽ اُن تي منهنجي (حڪم جو) بار کنيوَ؟ چيائون تہ اقرار ڪيو سون۔ (الله) چيو تہ اوهين (هڪ ٻئي تي) شاهد هجو ۽ آءٌ (بہ) اوهان سان گڏ شاهد آهيان (٨١). پوءِ جيڪي هن کان بعد ڦرندا سي ئي بي دين آهن (٨٢). الله جي دين کان سواءِ ڇو ٻيو (دين) طلبيندا آهن؟ ۽ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن تن راضي توڙي رنج تي کيس (ئي) مڃيو آهي ۽ ڏانهنس (ئي) موٽايا ويندا (٨٣).

قُلْ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَمَآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا وَمَآ اُنْزِلَ عَلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ وَ
اِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ وَالْاَسْبَاطِ وَمَآ اُوْتِيَ مُوْسٰى وَ
عِيْسٰى وَالنَّبِيُّوْنَ مِنْ رَّبِّهِمْ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْهُمْ وَنَحْنُ
لَهٗ مُسْلِمُوْنَ ﴿٨٤﴾ وَمَنْ يَّبْتَغِ غَيْرَ الْاِسْلَامِ دِيْنًا فَلَنْ يُّقْبَلَ مِنْهُ ۚ
وَهُوَ فِى الْاٰخِرَةِ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٨٥﴾ كَيْفَ يَهْدِى اللّٰهُ قَوْمًا
كَفَرُوْا بَعْدَ اِيْمَانِهِمْ وَشَهِدُوْٓا اَنَّ الرَّسُوْلَ حَقٌّ وَّجَآءَهُمُ
الْبَيِّنٰتُ ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٨٦﴾ اُولٰٓئِكَ جَزَآؤُهُمْ
اَنَّ عَلَيْهِمْ لَعْنَةَ اللّٰهِ وَالْمَلٰٓئِكَةِ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ ﴿٨٧﴾ ۙ
خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ لَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ الْعَذَابُ وَلَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ ﴿٨٨﴾ ۙ
اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ وَاَصْلَحُوْا ۟ فَاِنَّ اللّٰهَ
غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٨٩﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بَعْدَ اِيْمَانِهِمْ ثُمَّ
ازْدَادُوْا كُفْرًا لَّنْ تُقْبَلَ تَوْبَتُهُمْ ۚ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الضَّآلُّوْنَ ﴿٩٠﴾
اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَمَاتُوْا وَهُمْ كُفَّارٌ فَلَنْ يُّقْبَلَ
مِنْ اَحَدِهِمْ مِّلْءُ الْاَرْضِ ذَهَبًا وَّلَوِ افْتَدٰى بِهٖ ؕ
اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۙ وَّمَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿٩١﴾ ع

(اي پيغمبر!) چؤ ته اسان الله کي ۽ جيڪي اسان تي لاٿو ويو آهي تنهن کي ۽ جيڪي ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ يعقوب جي اولاد تي لاٿو ويو ۽ جيڪي موسيٰ ۽ عيسيٰ ۽ (ٻين) پيغمبرن کي سندن پالڻهار کان ڏنو ويو تنهن (سڀ) کي مڃيون ٿا اُنهن (پيغمبرن) مان ڪنهن هڪ جي (مڃڻ) ۾ فرق نٿا ڀانيون۔ ۽ اسان اُن (الله) کي مڃيندڙ آهيون (٨۴). ۽ جيڪو اسلام ڌاران ٻيو دين طلبيندو تنهن کان اُهو ڪڏهن نه قبول ڪبو، ۽ اُهو آخرت ۾ گهاٽي وارن مان آهي (٨٥). الله اُن قوم کي ڪيئن هدايت ڪندو جي پنهنجي ايمان آڻڻ کان پوءِ ڪافر ٿيا ۽ (پهريائين) اقرار ڪيائون ته پيغمبر سچو آهي ۽ وٽن معجزا (به) آيا۔ ۽ الله ظالم ٽوليءَ کي هدايت نه ڪندو آهي (٨٦). اِهي اُهي آهن جن تي سزا (هيءَ) آهي ته مٿن الله ۽ ملائڪن ۽ مڙني ماڻهن جي لعنت آهي (٨٧). اُن ۾ سدائين رهڻ وارا آهن، کانئن عذاب هلڪو نه ڪبو ۽ نه اُنهن کي مهلت ڏبي (٨٨). پر جن اُن کان پوءِ توبه ڪئي ۽ (پاڻ) سڌاريائون ته بيشڪ الله (به) بخشڻهار مهربان آهي (٨٩). جن پنهنجي ايمان آڻڻ کان پوءِ ڪفر ڪيو وري ڪفر ۾ وڌيا تن جي توبه ڪڏهن به قبول نه ڪبي۔ ۽ اُهي ئي گمراهه آهن (٩٠). ڀڪ جن ڪفر ڪيو ۽ اُهي ڪافر ٿي مُئا تن مان ڪو هڪڙو اگرچه سڄيءَ زمين جيترو سونُ (پنهنجن گناهن جي) عيوض ڏئي ته به اُهو اُن کان قبول نه ڪبو۔ اِهي (اُهي) آهن جن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ۽ اُنهن جو ڪو مددگار ڪونهي (٩١).

لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا مِمَّا تُحِبُّوْنَ ۬ؕ وَمَا تُنْفِقُوْا
مِنْ شَیْءٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِیْمٌ ﴿۹۲﴾ كُلُّ الطَّعَامِ كَانَ حِلًّا لِّبَنِیْۤ
اِسْرَآءِیْلَ اِلَّا مَا حَرَّمَ اِسْرَآءِیْلُ عَلٰی نَفْسِهٖ مِنْ قَبْلِ اَنْ
تُنَزَّلَ التَّوْرٰىةُ ؕ قُلْ فَاْتُوْا بِالتَّوْرٰىةِ فَاتْلُوْهَاۤ اِنْ كُنْتُمْ
صٰدِقِیْنَ ﴿۹۳﴾ فَمَنِ افْتَرٰی عَلَی اللّٰهِ الْكَذِبَ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ
فَاُولٰٓىِٕكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۹۴﴾ قُلْ صَدَقَ اللّٰهُ ۫ فَاتَّبِعُوْا مِلَّةَ اِبْرٰهِیْمَ
حَنِیْفًا ؕ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِیْنَ ﴿۹۵﴾ اِنَّ اَوَّلَ بَیْتٍ وُّضِعَ لِلنَّاسِ
لَلَّذِیْ بِبَكَّةَ مُبٰرَكًا وَّهُدًی لِّلْعٰلَمِیْنَ ﴿۹۶﴾ فِیْهِ اٰیٰتٌۢ بَیِّنٰتٌ مَّقَامُ
اِبْرٰهِیْمَ ۚ۬ وَمَنْ دَخَلَهٗ كَانَ اٰمِنًا ؕ وَلِلّٰهِ عَلَی النَّاسِ حِجُّ الْبَیْتِ
مَنِ اسْتَطَاعَ اِلَیْهِ سَبِیْلًا ؕ وَمَنْ كَفَرَ فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِیٌّ عَنِ
الْعٰلَمِیْنَ ﴿۹۷﴾ قُلْ یٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ تَكْفُرُوْنَ بِاٰیٰتِ اللّٰهِ ۖۗ وَاللّٰهُ
شَهِیْدٌ عَلٰی مَا تَعْمَلُوْنَ ﴿۹۸﴾ قُلْ یٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ تَصُدُّوْنَ عَنْ
سَبِیْلِ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ تَبْغُوْنَهَا عِوَجًا وَّاَنْتُمْ شُهَدَآءُ ؕ وَمَا اللّٰهُ
بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿۹۹﴾ یٰۤاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْۤا اِنْ تُطِیْعُوْا فَرِیْقًا
مِّنَ الَّذِیْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ یَرُدُّوْكُمْ بَعْدَ اِیْمَانِكُمْ كٰفِرِیْنَ ﴿۱۰۰﴾

چڱائيءَ کي ايسين ڪڏهن نہ پهچندؤ جيسين جن شين کي دوست رکندا آهيو تن مان (الله جي واٽ ۾ نہ) خرچ ڪريو ۽ جيڪا شيءِ (الله لڳ) خرچ ڪريو (سا ڀلي هئڻ گهرجي) ڇو تہ الله اُن کي ڄاڻندڙ آهي (۹۲). هر (ڪنهن قسم جو) طعام بني اسرائيلن لاءِ حلال هو ان کانسواءِ جيڪو يعقوب پاڻ تي توريت جي لهڻ کان اڳ حرام ڪيو هو (اي پيغمبر!) چؤ تہ جيڪڏهن اوهين سچا آهيو تہ توريت آڻيو پوءِ اُهو پڙهو (۹۳). پوءِ جيڪي هن کان پوءِ الله تي ڪوڙ ٺاهيندا سي ئي ظالم آهن (۹۴). (اي پيغمبر!) چؤ تہ الله سچ چيو آهي پوءِ ابراهيم حنيف (هڪ طرفي) جي دين جي تابعداري ڪريو ۽ (ابراهيم) مشرڪن مان نہ هو (۹۵). (عبادت جو) پهريون گهرُ جو ماڻهن لاءِ بڻايو ويو، سو اُهوئي آهي جو مَڪي ۾ برڪت وارو ۽ جڳ لاءِ هدايت آهي (۹٦). جنهن ۾ پڌريون نشانيون آهن (هڪڙي) مقام ابراهيم آهي (جو ان ۾ ابراهيم جي پيرن جو نشان آهي)۔ ۽ جيڪو اُتي داخل ٿيو سو امن وارو آهي۔ ۽ الله لاءِ خاني ڪعبي جو حج اُنهن ماڻهن تي لازم آهي جن کي ڏانهنس واٽ وڃڻ جي سگهه آهي۔ ۽ جنهن انڪار ڪيو (تہ الله کي پرواه نہ آهي) ڇو تہ الله جهانن کان بي پرواه آهي (۹۷). (اي پيغمبر! ڪين) چؤ تہ اي ڪتاب وارؤ! الله جي آيتن کي ڇو نہ ٿا مڃيو؟ ۽ (حقيقت ڪري) جيڪي ڪندا آهيو تنهن تي الله شاهد آهي (۹۸). (اي پيغمبر!) چؤ تہ اي ڪتاب وارؤ! جيڪو ايمان آڻي تنهن کي الله جي واٽ کان ڇو ٿا جهليو؟ اُن (واٽ) جي ڏنگائي ٿا گهرو؟ هن هوندي جو اوهين ڄاڻندڙ آهيو، ۽ جيڪي (اوهين) ڪندا آهيو تنهن کان الله بي خبر نہ آهي (۹۹). اي ايمان وارؤ جيڪڏهن ڪتاب وارن مان ڪنهن بہ ٽوليءَ جي فرمانبرداري ڪندؤ تہ اوهان جي ايمان آڻڻ کان پوءِ اوهان کي ڦيرائي ڪافر ڪندا (۱۰۰).

وَكَيْفَ تَكْفُرُوْنَ وَاَنْتُمْ تُتْلٰى عَلَيْكُمْ اٰيٰتُ اللّٰهِ وَفِيْكُمْ رَسُوْلُهٗ ؕ

وَمَنْ يَّعْتَصِمْ بِاللّٰهِ فَقَدْ هُدِيَ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿١٠١﴾ يٰۤاَيُّهَا

الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ حَقَّ تُقٰتِهٖ وَلَا تَمُوْتُنَّ اِلَّا وَاَنْتُمْ

مُّسْلِمُوْنَ ﴿١٠٢﴾ وَاعْتَصِمُوْا بِحَبْلِ اللّٰهِ جَمِيْعًا وَّلَا تَفَرَّقُوْا ۪ وَاذْكُرُوْا

نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ كُنْتُمْ اَعْدَآءً فَاَلَّفَ بَيْنَ قُلُوْبِكُمْ فَاَصْبَحْتُمْ

بِنِعْمَتِهٖۤ اِخْوَانًا ۚ وَكُنْتُمْ عَلٰى شَفَا حُفْرَةٍ مِّنَ النَّارِ فَاَنْقَذَكُمْ

مِّنْهَا ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿١٠٣﴾ وَلْتَكُنْ

مِّنْكُمْ اُمَّةٌ يَّدْعُوْنَ اِلَى الْخَيْرِ وَيَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهَوْنَ

عَنِ الْمُنْكَرِ ؕ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿١٠٤﴾ وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ

تَفَرَّقُوْا وَاخْتَلَفُوْا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَهُمُ الْبَيِّنٰتُ ؕ وَاُولٰٓئِكَ لَهُمْ

عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿١٠٥﴾ ۙ يَّوْمَ تَبْيَضُّ وُجُوْهٌ وَّتَسْوَدُّ وُجُوْهٌ ۚ فَاَمَّا

الَّذِيْنَ اسْوَدَّتْ وُجُوْهُهُمْ ۫ اَكَفَرْتُمْ بَعْدَ اِيْمَانِكُمْ فَذُوْقُوا

الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ﴿١٠٦﴾ وَاَمَّا الَّذِيْنَ ابْيَضَّتْ وُجُوْهُهُمْ

فَفِيْ رَحْمَةِ اللّٰهِ ؕ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿١٠٧﴾ تِلْكَ اٰيٰتُ اللّٰهِ

نَتْلُوْهَا عَلَيْكَ بِالْحَقِّ ؕ وَمَا اللّٰهُ يُرِيْدُ ظُلْمًا لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠٨﴾

۽ (اوهين) هن هوندي ڪيئن ڪافر ٿا ٿيو؟ جو الله جون آيتون اوهان تي پڙهجن ٿيون ۽ سندس پيغمبر اوهان ۾ آهي- ۽ جيڪو الله (جي دين) کي چنبڙي وٺندو تنهن کي بيشڪ سڌيءَ واٽ ڏانهن رستو ڏيکاريو ويندو (۱۰۱). اي مؤمنؤ! الله کان (ائين) ڊڄو جيئن ڪانئس ڊڄڻ جو حق آهي ۽ اوهين مسلمان هجڻ کان سواءِ نہ مرجو (۱۰۲). ۽ الله جي رسيءَ (يعني قرآن) کي سڀئي چنبڙي وٺو ۽ ڌار ڌار نہ ٿيو ۽ پاڻ تي الله جي نعمت کي ياد ڪريو جو جڏهن پاڻ ۾ ويري هيؤ پوءِ اوهان جي دلين ۾ ميلاپ وڌائين پوءِ سندس فضل سان هڪ ٻئي جا ڀائر ٿيؤ، ۽ اوهين دوزخ جي کڏ جي ڀر تي هيؤ پوءِ اوهان کي ڪانئس بچايائين اهڙيءَ طرح الله اوهان لاءِ پنهنجيون نشانيون بيان ڪندو آهي تہ مانَ اوهين هدايت وارا ٿيو (۱۰۳). ۽ اوهان ۾ هڪ اهڙي جماعت هئڻ گهرجي جي چڱائيءَ ڏانهن سڏين ۽ چڱن ڪمن جو حڪم ڪن ۽ برن ڪمن کان جهلين ۽ اهي ئي ڪامياب آهن (۱۰۴). ۽ اوهين انهن جهڙا نہ ٿيو جي فرقو فرقو ٿي ويا ۽ وٽن معجزا آيا اُن کان پوءِ بہ تڪرار ڪيائون- ۽ اُنهن لاءِ وڏو عذاب آهي (۱۰۵). اُنهيءَ ڏينهن جو ڪي منهن گورا ٿيندا ۽ ڪي منهن ڪارا ٿيندا، پوءِ جن جا منهن ڪارا ٿيندا (چيو ويندن تہ) اوهين پنهنجي ايمان (آڻڻ) کان پوءِ ڇو ڪافر ٿيوَ؟ پوءِ اُنهيءَ ڪري جو اوهين ڪافر ٿيا هيؤ عذاب (جو مزو) چکو (۱۰٦). ۽ جن جا منهن گورا هوندا سي الله جي رحمت هيٺ رهندا- اُهي منجهس سدائين رهڻ وارا هوندا (۱۰۷). (اي پيغمبر!) اِهي الله جون آيتون آهن جي (اسين) تو تي سچيءَ طرح پڙهون ٿا- ۽ الله جهانن لاءِ ظلم ڪرڻ نہ گهرندو آهي (۱۰۸).

وَلِلّٰهِ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَمَا فِی الْاَرْضِ ؕ وَاِلَی اللّٰهِ تُرْجَعُ
الْاُمُوْرُ ﴿۱۰۹﴾ع كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَاْمُرُوْنَ
بِالْمَعْرُوْفِ وَتَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَتُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ ؕ وَلَوْ
اٰمَنَ اَهْلُ الْكِتٰبِ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ ؕ مِنْهُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ وَاَكْثَرُهُمُ
الْفٰسِقُوْنَ ﴿۱۱۰﴾ لَنْ يَّضُرُّوْكُمْ اِلَّاۤ اَذًى ؕ وَاِنْ يُّقَاتِلُوْكُمْ يُوَلُّوْكُمُ
الْاَدْبَارَ ۫ ثُمَّ لَا يُنْصَرُوْنَ ﴿۱۱۱﴾ ضُرِبَتْ عَلَيْهِمُ الذِّلَّةُ اَيْنَ مَا
ثُقِفُوْۤا اِلَّا بِحَبْلٍ مِّنَ اللّٰهِ وَحَبْلٍ مِّنَ النَّاسِ وَبَآءُوْ بِغَضَبٍ
مِّنَ اللّٰهِ وَضُرِبَتْ عَلَيْهِمُ الْمَسْكَنَةُ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَانُوْا
يَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَيَقْتُلُوْنَ الْاَنْۢبِيَآءَ بِغَيْرِ حَقٍّ ؕ ذٰلِكَ
بِمَا عَصَوْا وَّكَانُوْا يَعْتَدُوْنَ ﴿۱۱۲﴾ق لَيْسُوْا سَوَآءً ؕ مِنْ اَهْلِ
الْكِتٰبِ اُمَّةٌ قَآئِمَةٌ يَّتْلُوْنَ اٰيٰتِ اللّٰهِ اٰنَآءَ الَّيْلِ وَ
هُمْ يَسْجُدُوْنَ ﴿۱۱۳﴾ يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَ
يَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَيُسَارِعُوْنَ
فِی الْخَيْرٰتِ ؕ وَاُولٰٓئِكَ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۱۱۴﴾ وَمَا يَفْعَلُوْا
مِنْ خَيْرٍ فَلَنْ يُّكْفَرُوْهُ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۱۵﴾

۽ جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي (سو خاص) الله جو آهي۔ ۽ (سڀ) ڪم الله ڏانهن موٽايا ويندا (۱۰۹). اوهين اهڙي ڀلي اُمت ماڻهن لاءِ پيدا ٿيل آهيو جو چڱن ڪمن جو حڪم ڪندا آهيو ۽ برن ڪمن کان جهليندا آهيو ۽ الله کي مڃيندا آهيو۔ ۽ جيڪڏهن اهلِ ڪتاب ايمان آڻين ها ته يقيناً تن لاءِ ڀلو هجي ها! منجهانئن ڪي مؤمن آهن ۽ منجهانئن گهڻا بي دين آهن (۱۱۰). (اهي زباني) ايذاءَ کان سواءِ اوهان کي ڪڏهن ڏکوئي نه سگهندا۔ ۽ جيڪڏهن اوهان سان وڙهندا ته اوهان کي پُٺي ڏيئي ڀڄندا، وري مدد نه ڏبن (۱۱۱). الله جي ذمي ۽ ماڻهن جي پناه کان سواءِ جتي لڌا ويندا اُتي مٿن خواري هنئي ويئي آهي ۽ الله جي ڏمر هيٺ وريا ۽ مٿن محتاجي هنئي ويئي آهي۔ اِها (سزا) هن ڪري آهي جو الله جي آيتن کي نه ٿي مڃيائون ۽ پيغمبرن کي ناحق ٿي ڪُنائون۔ اُهي (عادتون) اِنهيءَ ڪري آهن جو بي فرماني ڪيائون ۽ حد کان لنگهندڙ هوا (۱۱۲). اُهي (سڀ) هڪ جهڙا نه آهن۔ ڪتاب وارن مان هڪڙي اَهڙي سڌي ٽولي آهي جو الله جون آيتون رات جي وقتن ۾ پڙهندا آهن ۽ اُهي نماز (به) پڙهندا آهن (۱۱۳). الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندا آهن ۽ چڱن ڪمن جو حڪم ڪندا آهن ۽ برن ڪمن کان جهليندا آهن ۽ نيڪين (يعني دين مڃڻ) ۾ اڳرائي ڪندا آهن۔ ۽ اِهي ڀلارن مان آهن (۱۱۴). ۽ جيڪا به چڱائي ڪندا آهن تنهن جي بي قدري هرگز نه ڪبي۔ ۽ الله پرهيزگارن کي ڄاڻندڙ آهي (۱۱۵).

إِنَّ الَّذِينَ كَفَرُوا لَنْ تُغْنِيَ عَنْهُمْ أَمْوَالُهُمْ وَلَا أَوْلَادُهُمْ
مِّنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ۖ وَأُولٰٓئِكَ أَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيهَا خٰلِدُونَ ﴿١١٦﴾
مَثَلُ مَا يُنْفِقُونَ فِي هٰذِهِ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا كَمَثَلِ رِيحٍ فِيهَا
صِرٌّ أَصَابَتْ حَرْثَ قَوْمٍ ظَلَمُوا أَنْفُسَهُمْ فَأَهْلَكَتْهُ ۚ وَمَا
ظَلَمَهُمُ اللّٰهُ وَلٰكِنْ أَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُونَ ﴿١١٧﴾ يٰٓأَيُّهَا الَّذِينَ اٰمَنُوا
لَا تَتَّخِذُوا بِطَانَةً مِّنْ دُونِكُمْ لَا يَأْلُونَكُمْ خَبَالًا ۖ وَدُّوا مَا
عَنِتُّمْ ۚ قَدْ بَدَتِ الْبَغْضَآءُ مِنْ أَفْوَاهِهِمْ ۖ وَمَا تُخْفِي صُدُورُهُمْ
أَكْبَرُ ۚ قَدْ بَيَّنَّا لَكُمُ الْاٰيٰتِ إِنْ كُنْتُمْ تَعْقِلُونَ ﴿١١٨﴾ هٰٓأَنْتُمْ أُولَآءِ
تُحِبُّونَهُمْ وَلَا يُحِبُّونَكُمْ وَتُؤْمِنُونَ بِالْكِتٰبِ كُلِّهِ ۚ وَإِذَا لَقُوكُمْ
قَالُوا اٰمَنَّا ۖ وَإِذَا خَلَوْا عَضُّوا عَلَيْكُمُ الْأَنَامِلَ مِنَ الْغَيْظِ ۚ
قُلْ مُوتُوا بِغَيْظِكُمْ ۗ إِنَّ اللّٰهَ عَلِيمٌ بِذَاتِ الصُّدُورِ ﴿١١٩﴾ إِنْ
تَمْسَسْكُمْ حَسَنَةٌ تَسُؤْهُمْ ۖ وَإِنْ تُصِبْكُمْ سَيِّئَةٌ يَفْرَحُوا
بِهَا ۖ وَإِنْ تَصْبِرُوا وَتَتَّقُوا لَا يَضُرُّكُمْ كَيْدُهُمْ شَيْـًٔا ۗ إِنَّ
اللّٰهَ بِمَا يَعْمَلُونَ مُحِيطٌ ﴿١٢٠﴾ وَإِذْ غَدَوْتَ مِنْ أَهْلِكَ
تُبَوِّئُ الْمُؤْمِنِينَ مَقَاعِدَ لِلْقِتَالِ ۗ وَاللّٰهُ سَمِيعٌ عَلِيمٌ ﴿١٢١﴾

جن ڪفر ڪيو تن کان نڪي سندن مال ۽ نڪي سندن اولاد الله جو ڪجھ (عذاب) ٽاري سگھندا ۽ اُهي دوزخي آهن، اُهي منجھس سدائين رهڻ وارا آهن (١١٦). هن دنيا جي حياتيءَ ۾ جيڪي (رياءَ لاءِ) خرچ ڪندا آهن تنهن جو مثال اُنهيءَ واءُ جي مثال وانگر آهي جنهن ۾ پارو هجي جو اُن ٽوليءَ جي پوک کي لڳي جن پاڻ تي ظلم ڪيو پوءِ اُن (پوک) کي ناس ڪري- ۽ الله ساڻن ظلم نه ڪيو آهي پر اُهي پاڻ تي ظلم ڪن ٿا (١١٧). اي ايمان وارؤ! پنهنجن (مسلمانن) کان سواءِ ٻين (قومن) کي ڳجهو دوست ڪري نه وٺو (جو) اوهان جي نقصان ڪرڻ ۾ ڪا گھٽتائي نه ڪندا آهن. اوهان جي تڪليف پسند ڪيائون، بيشڪ سندن واتن مان دشمني پڌري ٿي آهي ۽ جيڪو (ساڙ) سندن سينن لڪايو آهي سو تمام وڏو آهي- بيشڪ اسان اوهان لاءِ نشانيون بيان ڪيون آهن جيڪڏهن سمجهندا آهيو (١١٨). اوهين اُهي آهيو جو اُنهن کي دوست رکندا آهيو ۽ اُهي اوهان کي دوست نه رکندا آهن ۽ اوهين الله جي سڀني ڪتاب کي مڃيندا آهيو، ۽ جڏهن اوهان سان مِلن ٿا (تڏهن) چون ٿا ته مڃيوسين، ۽ جڏهن اڪيلا ٿين ٿا (تڏهن) اوهان تي ڪاوڙ کان آڱرين کي چٻين ٿا- (اي پيغمبر! ڪين) چؤ ته (اوهين) پنهنجي ڪاوڙ سببان مرو- چو ته الله سينن وارو (راز) ڄاڻندو آهي (١١٩). (اي مؤمنؤ!) جيڪڏهن اوهانکي ڪا چڱائي پهچندي آهي ته ڪين ڏکوئيندي آهي ۽ جيڪڏهن اوهان کي ڪو ڏک پهچندو آهي ته اُن سببان خوش ٿيندا آهن- ۽ جيڪڏهن اوهين صبر ڪريو ۽ پرهيزگاري ڪريو ته سندن مڪر اوهان کي ڪوبه نقصان نه رسائيندو ڇو ته جيڪي ڪندا آهن تنهن کي الله گھيرو ڪندڙ آهي (١٢٠). (اي پيغمبر! ياد ڪر) جنهن مهل (تون) پنهنجي گھر مان سويرو نڪتين جو مؤمنن کي جنگ لاءِ مورچن تي وهاريئي ٿي- ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (١٢١).

إِذْ هَمَّتْ طَّآئِفَتٰنِ مِنْكُمْ اَنْ تَفْشَلَا ۙ وَاللّٰهُ وَلِيُّهُمَا ؕ وَعَلَى
اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿١٢٢﴾ وَلَقَدْ نَصَرَكُمُ اللّٰهُ بِبَدْرٍ وَّاَنْتُمْ
اَذِلَّةٌ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿١٢٣﴾ اِذْ تَقُوْلُ لِلْمُؤْمِنِيْنَ
اَلَنْ يَّكْفِيَكُمْ اَنْ يُّمِدَّكُمْ رَبُّكُمْ بِثَلٰثَةِ اٰلٰفٍ مِّنَ الْمَلٰٓئِكَةِ
مُنْزَلِيْنَ ﴿١٢٤﴾ ؕ بَلٰٓى ۙ اِنْ تَصْبِرُوْا وَتَتَّقُوْا وَيَاْتُوْكُمْ مِّنْ فَوْرِهِمْ
هٰذَا يُمْدِدْكُمْ رَبُّكُمْ بِخَمْسَةِ اٰلٰفٍ مِّنَ الْمَلٰٓئِكَةِ مُسَوِّمِيْنَ ﴿١٢٥﴾
وَمَا جَعَلَهُ اللّٰهُ اِلَّا بُشْرٰى لَكُمْ وَلِتَطْمَئِنَّ قُلُوْبُكُمْ بِهٖ ؕ وَمَا
النَّصْرُ اِلَّا مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ ﴿١٢٦﴾ ۙ لِيَقْطَعَ طَرَفًا مِّنَ
الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَوْ يَكْبِتَهُمْ فَيَنْقَلِبُوْا خَآئِبِيْنَ ﴿١٢٧﴾ لَيْسَ لَكَ
مِنَ الْاَمْرِ شَيْءٌ اَوْ يَتُوْبَ عَلَيْهِمْ اَوْ يُعَذِّبَهُمْ فَاِنَّهُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿١٢٨﴾
وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ يَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ
يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٢٩﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ
اٰمَنُوْا لَا تَاْكُلُوا الرِّبٰٓوا اَضْعَافًا مُّضٰعَفَةً ۠ وَّاتَّقُوا
اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿١٣٠﴾ ۚ وَاتَّقُوا النَّارَ الَّتِيْٓ اُعِدَّتْ
لِلْكٰفِرِيْنَ ﴿١٣١﴾ ۚ وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَالرَّسُوْلَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿١٣٢﴾ ۚ

(ياد ڪر!) جنهن مهل اوهان مان ٻن ٽولين ٻي همت ڇڏڻ جو ارادو ڪيو ۽ الله سندن مددگار هو، ۽ مؤمنن کي جڳائي ته الله تي ڀروسو ڪن (١٢٢). ۽ بيشڪ الله اوهان کي اُنهيءَ حالت ۾ جو اوهين ڪمزور هيؤ بدر ۾ سوڀ ڏني- پوءِ الله کان ڊڄو مانَ اوهين شڪر ڪريو (١٢٣). (اي پيغمبر! اُنهيءَ مهل کي ياد ڪر) جنهن مهل تو مؤمنن کي چيو ٿي ته اوهان کي اوهان جي پالڻهار جي ٽن هزارن (آسمان کان) لاٿل ملائڪن سان مدد ڪرڻ ڪافي نه آهي ڇا؟ (١٢٤). هائو! جيڪڏهن اوهين صبر ڪريو ۽ پرهيزگار ٿيو ۽ هڪدم اهي (ڪافر) اوهان تي اچي ڪڙڪن ته اوهان جو پالڻهار پنجن هزارن نشان ڪيلن ملائڪن سان اوهان کي مدد ڏيندو (١٢٥). ۽ الله اُن (مدد) کي رڳو اوهان جي خوشخبريءَ لاءِ ڪيو آهي، ۽ هن لاءِ ته اوهان جون دليون اُن سان (ڀلي ته) اطمينان وٺن- ۽ الله غالب حڪمت واري جي پار کان سواءِ ڪا مدد (ملڻي) نه آهي (١٢٦). (۽) هن لاءِ ته هڪ پاسو (يعني پاڳو) ڪافرن جو ڇني ڇڏي يا کين هيٺو ڪري ڇڏي ته بي نصيب ٿي ڦرن (١٢٧). (اي پيغمبر!) اُن ڪم ۾ تنهنجو ڪو واسطو نه آهي (الله) يا مٿن ٻاجھ سان موٽندو يا کين عذاب ڪندو ڇو ته اُهي ظالم آهن (١٢٨). ۽ جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي (سو خاص) الله جو آهي- جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي بخشيندو آهي ۽ جنهن کي گهرندو تنهن کي عذاب ڪندو آهي- ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (١٢٩).اي ايمان وارؤ! (اوهين) وياج ٻيڻو چوڻو نه کائو ۽ الله کان ڊڄو مانَ اوهين ڪامياب ٿيو (١٣٠). ۽ اُن باھ کان ڊڄو جا ڪافرن لاءِ تيار ڪئي ويئي آهي (١٣١). ۽ الله ۽ رسول جي فرمانبرداري ڪريو ته مانَ اوهان تي ٻاجھ ڪئي وڃي (١٣٢).

وَسَارِعُوْٓا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَجَنَّةٍ عَرْضُهَا السَّمٰوٰتُ
وَالْاَرْضُ ۙ اُعِدَّتْ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۳۳﴾ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ فِى السَّرَّآءِ
وَالضَّرَّآءِ وَالْكٰظِمِيْنَ الْغَيْظَ وَالْعَافِيْنَ عَنِ النَّاسِ ۭ وَاللّٰهُ
يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۳۴﴾ ۚ وَالَّذِيْنَ اِذَا فَعَلُوْا فَاحِشَةً اَوْ ظَلَمُوْٓا
اَنْفُسَهُمْ ذَكَرُوا اللّٰهَ فَاسْتَغْفَرُوْا لِذُنُوْبِهِمْ ۣ وَمَنْ يَّغْفِرُ
الذُّنُوْبَ اِلَّا اللّٰهُ ۣ وَلَمْ يُصِرُّوْا عَلٰى مَا فَعَلُوْا وَهُمْ
يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۳۵﴾ اُولٰٓئِكَ جَزَآؤُهُمْ مَّغْفِرَةٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَ
جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۭ وَنِعْمَ اَجْرُ
الْعٰمِلِيْنَ ﴿۱۳۶﴾ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِكُمْ سُنَنٌ ۙ فَسِيْرُوْا فِى
الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ ﴿۱۳۷﴾ هٰذَا
بَيَانٌ لِّلنَّاسِ وَهُدًى وَّمَوْعِظَةٌ لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۳۸﴾ وَلَا تَهِنُوْا وَ
لَا تَحْزَنُوْا وَاَنْتُمُ الْاَعْلَوْنَ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱۳۹﴾ اِنْ
يَّمْسَسْكُمْ قَرْحٌ فَقَدْ مَسَّ الْقَوْمَ قَرْحٌ مِّثْلُهٗ ۭ وَتِلْكَ
الْاَيَّامُ نُدَاوِلُهَا بَيْنَ النَّاسِ ۚ وَلِيَعْلَمَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا
وَيَتَّخِذَ مِنْكُمْ شُهَدَآءَ ۭ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۴۰﴾ ۙ

۽ (اوهين) پنهنجي پالڻهار جي بخشش ۽ اُنهيءَ بهشت ڏانهن اڳرائي ڪريو جنهن جي ويڪر آسمانن ۽ زمين جيتري آهي انهن پرهيزگارن لاءِ تيار ڪيو ويو (١٣٣). جيڪي سُک ۽ ڏک ۾ (الله ڪارڻ) خرچ ڪندا آهن ۽ ڪاوڙ کائيندڙ ۽ ماڻهن (جا قصور) معاف ڪندڙ آهن- ۽ الله ڀلارن کي دوست رکندو آهي (١٣۴). ۽ اُهي جڏهن ڪو بيحيائيءَ جو ڪم ڪندا آهن، يا پاڻ تي ظلم ڪندا آهن (تڏهن) الله کي ياد ڪندا آهن، ۽ پنهنجن گناهن جي بخشش گهرندا آهن ۽ الله کان سواءِ ڪير گناه بخشيندو؟ ۽ جيڪي ڪيائون تنهن تي ڄاڻي ٻجهي هميشگي نه ڪندا آهن (١٣٥). اُنهن جو اجر سندن پالڻهار وٽان بخشش ۽ بهشت آهن جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن منجهن سدائين رهڻ وارا آهن ۽ ڪمائيندڙن جو اجر چڱو آهي (١٣٦). بيشڪ اوهان کان اڳ ڪيترا واقعا گذريا آهن پوءِ (اوهين) ملڪ ۾ گهمو ڦرو پوءِ نهاريو ته نه مڃيندڙن جي پڇاڙي ڪيئن هئي؟ (١٣٧). هيءُ ماڻهن لاءِ بيان آهي ۽ پرهيزگارن لاءِ هدايت ۽ نصيحت آهي (١٣٨). ۽ نه سست ٿيو ۽ نڪي غمگين ٿيو ۽ جيڪڏهن مؤمن آهيو ته اوهان (ئي )غالب (ٿيڻ وارا) آهيو (١٣٩). جيڪڏهن اوهان کي (اُحد ۾) ڪو گهاءُ پهتو آهي ته بيشڪ اُن جهڙو گهاءُ ڪافرن کي (بدر ۾) پهتو هو- ۽ هي اهڙا ڏينهن آهن جو (اسين) اُنهن کي ماڻهن جي وچ ۾ ڦيريندا آهيون (ته نصيحت وٺن)، ۽ هن لاءِ ته الله مؤمنن کي نکيڙي ۽ اوهان مان ڪن کي شهيد ڪري- ۽ الله ظالمن کي دوست نه رکندو آهي (١۴٠).

وَلِيُمَحِّصَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَيَمْحَقَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۱۴۱﴾ اَمْ
حَسِبْتُمْ اَنْ تَدْخُلُوا الْجَنَّةَ وَلَمَّا يَعْلَمِ اللّٰهُ الَّذِيْنَ جٰهَدُوْا
مِنْكُمْ وَيَعْلَمَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۱۴۲﴾ وَلَقَدْ كُنْتُمْ تَمَنَّوْنَ الْمَوْتَ مِنْ
قَبْلِ اَنْ تَلْقَوْهُ ۠ فَقَدْ رَاَيْتُمُوْهُ وَاَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ﴿۱۴۳﴾ ع وَمَا
مُحَمَّدٌ اِلَّا رَسُوْلٌ ۚ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِ الرُّسُلُ ؕ اَفَا۟ئِنْ
مَّاتَ اَوْ قُتِلَ انْقَلَبْتُمْ عَلٰٓى اَعْقَابِكُمْ ؕ وَمَنْ يَّنْقَلِبْ عَلٰى
عَقِبَيْهِ فَلَنْ يَّضُرَّ اللّٰهَ شَيْـًٔا ؕ وَسَيَجْزِى اللّٰهُ الشّٰكِرِيْنَ ﴿۱۴۴﴾
وَمَا كَانَ لِنَفْسٍ اَنْ تَمُوْتَ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ كِتٰبًا مُّؤَجَّلًا ؕ وَ
مَنْ يُّرِدْ ثَوَابَ الدُّنْيَا نُؤْتِهٖ مِنْهَا ۚ وَمَنْ يُّرِدْ ثَوَابَ
الْاٰخِرَةِ نُؤْتِهٖ مِنْهَا ؕ وَسَنَجْزِى الشّٰكِرِيْنَ ﴿۱۴۵﴾ وَكَاَيِّنْ
مِّنْ نَّبِيٍّ قٰتَلَ ۙ مَعَهٗ رِبِّيُّوْنَ كَثِيْرٌ ۚ فَمَا وَهَنُوْا
لِمَآ اَصَابَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَمَا ضَعُفُوْا وَمَا اسْتَكَانُوْا ؕ
وَاللّٰهُ يُحِبُّ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۱۴۶﴾ وَمَا كَانَ قَوْلَهُمْ اِلَّآ اَنْ
قَالُوْا رَبَّنَا اغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَا وَاِسْرَافَنَا فِيْٓ اَمْرِنَا
وَثَبِّتْ اَقْدَامَنَا وَانْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۱۴۷﴾

۽ هن لاءِ ته الله مؤمن کي کرو ڪري ۽ ڪافرن کي ناس ڪري (۱۴۱). اوهان بهشت ۾ گھڙڻ جو گمان ڪيو آهي ڇا؟ هن هوندي جو الله اڃا اوهان مان مجاهدن کي نه نِکيڙيو آهي ۽ نڪي صابرن کي نکيڙيو آهي (۱۴۲). ۽ بيشڪ اوهين موت کي اُن جي ملڻ کان اڳ گهُرندا هيؤ پوءِ بيشڪ ان کي ڏٺوَ ۽ اوهين نهاريندا رهيؤ (۱۴۳). ۽ محمد (ﷺ الله جو) پيغمبر ئي آهي، بيشڪ اُن کان اڳ ڪيترا پيغمبر گذري ويا۔ پوءِ جيڪڏهن (اُهو) مري وڃي يا قتل ٿئي ته (اوهين) پنهنجين کڙين (يَر پوئتي) ڦرندؤ ڇا؟ ۽ جيڪو پنهنجين کڙين (يَر پوئتي) تي ڦرندو سو الله کي ڪجھ به نقصان ڪڏهن نه پهچائيندو، ۽ الله شاڪرن (احسان مڃيندڙن) کي سَتت ثواب ڏيندو (۱۴۴). ۽ الله جي مقرر وقت لکيل حڪم کان سواءِ ڪنهن کي مرڻو نه آهي۔ ۽ جيڪو دنيا جو ثواب گهرندو تنهن کي اُن مان ڏينداسون، ۽ جيڪو آخرت جو ثواب گهرندو تنهن کي اُن مان ڏيندا سون۔ ۽ شاڪرن کي (چڱو) ثواب سَتت ڏينداسون (۱۴۵). ۽ پيغمبرن مان گھڻا (ڪافرن سان) وڙهيا ساڻن گھڻا الله وارا هئا، پوءِ جيڪي الله جي واٽ ۾ کين پهتو تنهن سببان نڪي سست ٿيا ۽ نڪي هيٺا ٿيا ۽ نڪي عاجزي ڪيائون۔ ۽ الله صابرن کي دوست رکندو آهي (۱۴۶). ۽ سندن چوڻ (هن) قول کانسواءِ نه هو ته اي اسان جا پالڻهار! اسان کي اسان جا گناه (بخش) ۽ اسان جي ڪم ۾ اسان جي زيادتي بخش ۽ اسان جا پير ثابت رک ۽ اسان کي ڪافرن جي ٽوليءَ تي فتح ڏي! (۱۴۷).

فَاٰتٰىهُمُ اللّٰهُ ثَوَابَ الدُّنْيَا وَحُسْنَ ثَوَابِ الْاٰخِرَةِ ؕ
وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ١٤٨ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنْ
تُطِيْعُوا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يَرُدُّوْكُمْ عَلٰۤى اَعْقَابِكُمْ فَتَنْقَلِبُوْا
خٰسِرِيْنَ ١٤٩ بَلِ اللّٰهُ مَوْلٰىكُمْ ۚ وَهُوَ خَيْرُ النّٰصِرِيْنَ ١٥٠
سَنُلْقِيْ فِيْ قُلُوْبِ الَّذِيْنَ كَفَرُوا الرُّعْبَ بِمَاۤ اَشْرَكُوْا
بِاللّٰهِ مَا لَمْ يُنَزِّلْ بِهٖ سُلْطٰنًا ۚ وَمَاْوٰىهُمُ النَّارُ ؕ وَ
بِئْسَ مَثْوَى الظّٰلِمِيْنَ ١٥١ وَلَقَدْ صَدَقَكُمُ اللّٰهُ وَعْدَهٗۤ
اِذْ تَحُسُّوْنَهُمْ بِاِذْنِهٖ ۚ حَتّٰۤى اِذَا فَشِلْتُمْ وَتَنَازَعْتُمْ
فِي الْاَمْرِ وَعَصَيْتُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَاۤ اَرٰىكُمْ مَّا تُحِبُّوْنَ ؕ
مِنْكُمْ مَّنْ يُّرِيْدُ الدُّنْيَا وَمِنْكُمْ مَّنْ يُّرِيْدُ الْاٰخِرَةَ ۚ
ثُمَّ صَرَفَكُمْ عَنْهُمْ لِيَبْتَلِيَكُمْ ۚ وَلَقَدْ عَفَا عَنْكُمْ ؕ وَ
اللّٰهُ ذُوْ فَضْلٍ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ ١٥٢ اِذْ تُصْعِدُوْنَ وَلَا
تَلْوٗنَ عَلٰۤى اَحَدٍ وَّالرَّسُوْلُ يَدْعُوْكُمْ فِيْۤ اُخْرٰىكُمْ
فَاَثَابَكُمْ غَمًّۢا بِغَمٍّ لِّكَيْلَا تَحْزَنُوْا عَلٰى مَا فَاتَكُمْ
وَلَا مَاۤ اَصَابَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ١٥٣

پوءِ الله کين دنيا جو ثواب ۽ آخرت جو ڀلو ثواب ڏنو- ۽ الله ڀلارن کي دوست رکندو آهي (۱۴۸). اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن اوهين ڪافرن جو چيو مڃيندؤ تہ اوهان کي اوهان جي ڪڙين (پَر پوئتي) ڦيرائيندا پوءِ اوهين ڦري نقصان وارا ٿيندؤ (۱۴۹). بلڪ الله اوهان جو سائين آهي، ۽ اُهو بهتر مدد ڏيندڙ آهي (۱۵۰). ڪافرن جي دلين ۾ هن سببان سگهو دهشت وجهنداسون جو الله سان اهڙيءَ شيءِ کي شريڪ ڪيائون جنهن لاءِ الله ڪا سَنَدَ نہ لاٿي آهي، ۽ سندن جاءِ باھ آهي- ۽ (اُهو) ظالمن جو بڇڙو هنڌ آهي (۱۵۱). ۽ بيشڪ الله اوهان سان پنهنجو وعدو سچو ڪيو آهي جڏهن تہ اُنهن (ڪافرن) کي سندس حڪم سان پئي ڪٺوَ، حتاڪ بي همت ٿيؤ ۽ ڪم (پوري ڪرڻ) ۾ تڪرار ڪيوَ ۽ جيڪي پسند ڪندا هيؤ سو اوهان کي ڏيکاريائين تنهن کان پوءِ بہ بي فرماني ڪيوَ، اوهان مان ڪو (اهڙو) آهي جو دنيا گهرندو آهي ۽ اوهان مان ڪو (اهڙو) آهي جو آخرت گهرندو آهي، وري اوهان کي اُنهن کان هن لاءِ ڦيرايائين تہ اوهان کي پرکي، ۽ بيشڪ اوهان کي معافي ڏنائين- ۽ الله مؤمنن تي فضل ڪرڻ وارو آهي (۱۵۲). جڏهن اوهين پري ٿي ڀڄؤ ۽ ڪنهن هڪ تي (ڪنڌ ڦيري) نہ ٿي واجهايوَ، ۽ پيغمبر اوهان کي اوهان جي پٺيان سڏيندو رهيو پوءِ (الله) اوهان کي ڏک تي ڏک جو بدلو ڏنو (اِهو) هن لاءِ تہ جيڪي اوهان کان ٿي ويو نڪي تنهن تي ۽ جيڪي اوهان کي پهتو نڪي تنهن تي غمگين ٿيو- ۽ جيڪي اوهين ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي (۱۵۳).

ثُمَّ اَنْزَلَ عَلَيْكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ الْغَمِّ اَمَنَةً نُّعَاسًا يَّغْشٰى طَآئِفَةً
مِّنْكُمْ ۙ وَطَآئِفَةٌ قَدْ اَهَمَّتْهُمْ اَنْفُسُهُمْ يَظُنُّوْنَ بِاللّٰهِ غَيْرَ الْحَقِّ
ظَنَّ الْجَاهِلِيَّةِ ؕ يَقُوْلُوْنَ هَلْ لَّنَا مِنَ الْاَمْرِ مِنْ شَيْءٍ ؕ قُلْ اِنَّ
الْاَمْرَ كُلَّهٗ لِلّٰهِ ؕ يُخْفُوْنَ فِيْۤ اَنْفُسِهِمْ مَّا لَا يُبْدُوْنَ لَكَ ؕ يَقُوْلُوْنَ
لَوْ كَانَ لَنَا مِنَ الْاَمْرِ شَيْءٌ مَّا قُتِلْنَا هٰهُنَا ؕ قُلْ لَّوْ كُنْتُمْ فِيْ بُيُوْتِكُمْ
لَبَرَزَ الَّذِيْنَ كُتِبَ عَلَيْهِمُ الْقَتْلُ اِلٰى مَضَاجِعِهِمْ ۚ وَلِيَبْتَلِيَ
اللّٰهُ مَا فِيْ صُدُوْرِكُمْ وَلِيُمَحِّصَ مَا فِيْ قُلُوْبِكُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ
بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿۱۵۴﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ تَوَلَّوْا مِنْكُمْ يَوْمَ الْتَقَى الْجَمْعٰنِ ۙ
اِنَّمَا اسْتَزَلَّهُمُ الشَّيْطٰنُ بِبَعْضِ مَا كَسَبُوْا ۚ وَلَقَدْ عَفَا اللّٰهُ
عَنْهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿۱۵۵﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَكُوْنُوْا
كَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَقَالُوْا لِاِخْوَانِهِمْ اِذَا ضَرَبُوْا فِي الْاَرْضِ
اَوْ كَانُوْا غُزًّى لَّوْ كَانُوْا عِنْدَنَا مَا مَاتُوْا وَمَا قُتِلُوْا ۚ لِيَجْعَلَ
اللّٰهُ ذٰلِكَ حَسْرَةً فِيْ قُلُوْبِهِمْ ؕ وَاللّٰهُ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ؕ وَ
اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۱۵۶﴾ وَلَئِنْ قُتِلْتُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ
اَوْ مُتُّمْ لَمَغْفِرَةٌ مِّنَ اللّٰهِ وَرَحْمَةٌ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ ﴿۱۵۷﴾

وري ڏک کان پوءِ اوهان تي آرام، (جي) ننڊ کي لاٿائين جو اوهان مان هڪ ٽوليءَ تي غلبو ڪندي رهي ۽ ٻي ٽولي هئي جنهن کي سندن نفسن غمگين ڪيو هو ناحق جاهليت جو گمان الله تي ڀانيائون ٿي- چيائون ته اسان لاءِ انهي ڪم مان ڇا ڪجهه (ٿيڻو) آهي؟ (اي پيغمبر!) چؤ ته سڀ اختيار الله جو ئي آهي- جيڪي توتي پڌرو نه ڪندا آهن سو پنهنجين دلين ۾ لڪائيندا آهن- چوندا آهن ته جيڪڏهن اسان جي وس ۾ ڪجهه به ڪم هجي ها ته اسين هت نه ڪسون ها- (اي پيغمبر! ڪين) چؤ ته جيڪڏهن اوهين پنهنجن گهرن ۾ هجو ها ته جن تي ڪسڻ لکيل هو سي ضرور پنهنجي ڪوس جي جاين ڏانهن نڪرن ها، ۽ (هن لاءِ) ته جيڪي اوهان جي سينن ۾ آهي سو الله پرکي ۽ جيڪي اوهان جي دلين ۾ آهي سو کرو ڪري- ۽ الله سينن وارو (ڀيد) ڄاڻندڙ آهي (۱۵۴). اوهان مان جن اُنهيءَ ڏينهن منهن موڙيو جو ٻـ ٽوليون (هڪ ٻئي جي) سامهون ٿيون ته اُنهن کي شيطان سندن ڪجهه ڪئي جي شامت جي سبب ٿيڙيو، ۽ بيشڪ الله اُنهن کي معافي ڏني ڇو ته الله بخشڻهار بردبار آهي (۱۵۵). اي ايمان وارؤ! اُنهن ڪافرن وانگر نه ٿيو جي پنهنجن ڀائرن لاءِ جڏهن اُهي ملڪ ۾ مسافري ڪن يا لڙائي ڪندڙ هجن (تڏهن) چون ٿا ته جيڪڏهن اسان وٽ هجن ها ته نه مرن ها ۽ نڪي ڪسجن ها! ته جيئن الله ان کي سندين دلين ۾ حسرت ڪري- ۽ الله ئي جياريندو آهي ۽ ماريندو آهي- ۽ جيڪي اوهين ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي (۱۵٦). ۽ جيڪڏهن اوهين الله جي واٽ ۾ قتل ٿي پيؤ يا مري پيؤ ته جيڪي گڏ ڪندا آهن تنهن کان الله جي بخشش ۽ ٻاجهه (بلڪل) ڀلي آهي (۱۵۷).

وَلَئِنْ مُّتُّمْ اَوْ قُتِلْتُمْ لَاِلَى اللّٰهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿۱۵۸﴾ فَبِمَا رَحْمَةٍ مِّنَ
اللّٰهِ لِنْتَ لَهُمْ ۚ وَلَوْ كُنْتَ فَظًّا غَلِيْظَ الْقَلْبِ لَانْفَضُّوْا مِنْ
حَوْلِكَ ۖ فَاعْفُ عَنْهُمْ وَاسْتَغْفِرْ لَهُمْ وَشَاوِرْهُمْ فِي الْاَمْرِ ۚ
فَاِذَا عَزَمْتَ فَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَوَكِّلِيْنَ ﴿۱۵۹﴾
اِنْ يَّنْصُرْكُمُ اللّٰهُ فَلَا غَالِبَ لَكُمْ ۚ وَاِنْ يَّخْذُلْكُمْ فَمَنْ ذَا الَّذِيْ
يَنْصُرُكُمْ مِّنْۢ بَعْدِهٖ ؕ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۶۰﴾ وَمَا
كَانَ لِنَبِيٍّ اَنْ يَّغُلَّ ؕ وَمَنْ يَّغْلُلْ يَاْتِ بِمَا غَلَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۚ
ثُمَّ تُوَفّٰى كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿۱۶۱﴾ اَفَمَنِ اتَّبَعَ
رِضْوَانَ اللّٰهِ كَمَنْۢ بَآءَ بِسَخَطٍ مِّنَ اللّٰهِ وَمَاْوٰىهُ جَهَنَّمُ ؕ وَ
بِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿۱۶۲﴾ هُمْ دَرَجٰتٌ عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِمَا
يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۶۳﴾ لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ رَسُوْلًا
مِّنْ اَنْفُسِهِمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيْهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ
وَالْحِكْمَةَ ۚ وَاِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿۱۶۴﴾ اَوَلَمَّآ
اَصَابَتْكُمْ مُّصِيْبَةٌ قَدْ اَصَبْتُمْ مِّثْلَيْهَا ۙ قُلْتُمْ اَنّٰى هٰذَا ؕ قُلْ
هُوَ مِنْ عِنْدِ اَنْفُسِكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۱۶۵﴾

۽ جيڪڏهن (اوهين) مري وڃو يا ڪسي پئو ته ضرور الله ڏانهن گڏ ڪيا ويندؤ (١٥٨). پوءِ (اي پيغمبر!) الله جي ٻاجھ سببان اُنهن لاءِ نرم ٿيو آهين، ۽ جيڪڏهن ڪاوڙيل سخت دل هجين ها ته ضرور تنهنجي آسپاس کان ڀڄي اُٿن ها پوءِ کين معافي ڏي ۽ اُنهن لاءِ بخشش گھر ۽ ساڻن ڪم ۾ صلاح ڪر، پوءِ جڏهن تون پڪو اِرادو ڪرين تڏهن الله تي ڀروسو ڪر- ڇو ته الله ڀروسي ڪندڙن کي دوست رکندو آهي (١٥٩). جيڪڏهن الله اوهان کي مدد ڏيندو ته اوهان تي ڪو غالب (ٿيڻو) نه آهي، ۽ جيڪڏهن اوهان کي مدد نه ڏيندو ته اُن کان پوءِ ڪير اوهان کي مدد ڏيندو؟ ۽ مؤمنن کي جڳائي ته الله تي ڀروسو ڪن (١٦٠). ۽ ڪنهن به پيغمبر کي (غنيمت جي مال ۾) خيانت ڪرڻ نه جڳائي- ۽ جيڪو خيانت ڪندو سو جيڪا شيءِ خيانت ڪيائين تنهن سميت قيامت جي ڏينهن ايندو، پوءِ سڀ ڪنهن ماڻهو جيڪي ڪمايو تنهن جو پورو بدلو کيس ڏنو ويندو ۽ اُنهن تي ظلم نه ڪبو (١٦١). جيڪو الله جي رضامنديءَ جي پٺيان لڳو سو اُن جهڙو آهي ڇا؟ جيڪو الله جي ڪاوڙ هيٺ ڦري آيو ۽ سندس جاءِ دوزخ آهي- ۽ (اُهو) موٽڻ جو بڇڙو هنڌ آهي (١٦٢). اُهي الله وٽ (وڏن) درجن وارا آهن- ۽ جيڪي ڪندا آهن سو الله ڏسندڙ آهي (١٦٣). بيشڪ الله مؤمنن تي وڏو احسان ڪيو آهي جڏهن ته اُنهن ۾ سندن قوم مان پيغمبر موڪليائين جو کين سندس آيتون پڙهي ٻڌائيندو آهي ۽ کين پاڪ ڪندو آهي ۽ کين ڪتاب ۽ دانائي سيکاريندو آهي، ۽ بيشڪ هن کان اڳ پڌريءَ گمراهيءَ ۾ (پيل) هئا (١٦٤). ۽ جڏهن اوهان کي (جنگ اُحد ۾) ڏک پهتو توڙيڪ (پنهنجن دشمنن کي) اُن جو ٻيڻو (ڏک بدر ۾) پهچايو هيؤ ته به چيوَ ته هيءَ (مصيبت) ڪٿان (پهتي) آهي؟ (اي پيغمبر!) چؤ ته اُها اوهان کي پاڻ وٽان (پهتي) آهي- بيشڪ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وسارو آهي (١٦٥).

وَمَآ اَصَابَكُمْ يَوْمَ الْتَقَى الْجَمْعٰنِ فَبِاِذْنِ اللّٰهِ وَلِيَعْلَمَ
الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۶۶﴾ وَلِيَعْلَمَ الَّذِيْنَ نَافَقُوْا ۚۖ وَقِيْلَ لَهُمْ تَعَالَوْا قَاتِلُوْا
فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَوِ ادْفَعُوْا ؕ قَالُوْا لَوْ نَعْلَمُ قِتَالًا لَّا تَّبَعْنٰكُمْ ؕ
هُمْ لِلْكُفْرِ يَوْمَئِذٍ اَقْرَبُ مِنْهُمْ لِلْاِيْمَانِ ۚ يَقُوْلُوْنَ بِاَفْوَاهِهِمْ
مَّا لَيْسَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ ؕ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا يَكْتُمُوْنَ ﴿۱۶۷﴾ اَلَّذِيْنَ قَالُوْا
لِاِخْوَانِهِمْ وَقَعَدُوْا لَوْ اَطَاعُوْنَا مَا قُتِلُوْا ؕ قُلْ فَادْرَءُوْا عَنْ
اَنْفُسِكُمُ الْمَوْتَ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۱۶۸﴾ وَلَا تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ قُتِلُوْا
فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتًا ؕ بَلْ اَحْيَآءٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ يُرْزَقُوْنَ ﴿۱۶۹﴾ ۙ
فَرِحِيْنَ بِمَآ اٰتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ۙ وَيَسْتَبْشِرُوْنَ بِالَّذِيْنَ لَمْ
يَلْحَقُوْا بِهِمْ مِّنْ خَلْفِهِمْ ۙ اَلَّا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۱۷۰﴾
يَسْتَبْشِرُوْنَ بِنِعْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ وَفَضْلٍ ۙ وَّاَنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ
الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۷۱﴾ ۚۛ اَلَّذِيْنَ اسْتَجَابُوْا لِلّٰهِ وَالرَّسُوْلِ مِنْۢ بَعْدِ مَآ
اَصَابَهُمُ الْقَرْحُ ۛؕ لِلَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا مِنْهُمْ وَاتَّقَوْا اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿۱۷۲﴾ ۚ
اَلَّذِيْنَ قَالَ لَهُمُ النَّاسُ اِنَّ النَّاسَ قَدْ جَمَعُوْا لَكُمْ فَاخْشَوْهُمْ
فَزَادَهُمْ اِيْمَانًا ۖۗ وَّقَالُوْا حَسْبُنَا اللّٰهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ ﴿۱۷۳﴾

۽ اُنهيءَ ڏينهن، جو ٻـ ٽوليون پاڻ ۾ سامهون ٿيون (تنهن ڏينهن) جيڪي اوهان کي پهتو سو الله جي حڪم سان هو ۽ هن لاءِ هو تہ مؤمنن کي نکيڙي (١٦٦). ۽ منافقن کي بہ نکيڙي، ۽ کين چيو ويو تہ اچو الله جي واٽ ۾ وڙهو يا (ڪافرن کان) دفاع ڪريو- چيائون تہ جيڪڏهن اسان جنگ ڪرڻ ڄاڻون ها تہ ضرور اوهان سان هجون ها- اُهي اُن ڏينهن پاڻ ايمان کان ڪفر ڏي بلڪل ويجهو هئا، پنهنجن واتن سان اُهي (ڳالهيون) چوندا آهن جيڪي سندين دلين ۾ نہ آهن ۽ جيڪي لڪائيندا آهن سو الله بلڪل ڄاڻندڙ آهي (١٦٧). (تہ) اِهي (اُهي) آهن جن پنهنجن ڀائرن کي چيو ۽ ويٺا رهيا تہ جيڪڏهن (اُهي) اسان جو چيو مڃين ها تہ نہ ڪسجن ها (اي پيغمبر! کين چؤ) تہ جيڪڏهن اوهين سچا آهيو تہ پاڻ کان موت کي ٽاريو (١٦٨). ۽ جيڪي الله جي واٽ ۾ ڪنا ويا تن کي مئل هرگز نہ ڀانءِ! بلڪ (اُهي) جيئرا آهن (۽) پنهنجي پالڻهار وٽ روزي ڏنل آهي (١٦٩). جيڪي الله اُنهن کي پنهنجي فضل سان ڏنو آهي تنهن (حال) سان خوش ٿيندڙ آهن- ۽ جيڪي سندن پٺيان آهن تن مان جيڪي ساڻن نہ گڏيا آهن اُنهن لاءِ هن ڪري خوش ٿيندا آهن تہ کين ڪو ڀؤ نہ آهي ۽ نڪي اُهي غمگين رهندا (١٧٠). الله نعمت ۽ فضل سان خوش ٿيندا آهن ۽ الله مؤمنن جو اجر نہ وڃائيندو آهي (١٧١). جن پاڻ کي زخم پهچڻ کان پوءِ بہ الله ۽ رسول جو حڪم قبول ڪيو- اُنهن مان جن چڱائي ڪئي ۽ ڊنا تن لاءِ وڏو اجر آهي (١٧٢). جن کي ماڻهن چيو تہ ماڻهن(ڪافرن) اوهان لاءِ لشڪر گڏ ڪيو آهي تنهن ڪري کائنن ڊڄو، پوءِ (اُن چوڻ) هنئون اُنهن جو ايمان وڌايو ۽ چيائون تہ اسان کي الله ڪافي آهي ۽ (اُهو) چڱو وڪيل (ڀرجهلو) آهي (١٧٣).

فَانْقَلَبُوْا بِنِعْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ وَفَضْلٍ لَّمْ يَمْسَسْهُمْ سُوْٓءٌ ۙ وَّاتَّبَعُوْا
رِضْوَانَ اللّٰهِ ۭ وَاللّٰهُ ذُوْ فَضْلٍ عَظِيْمٍ ﴿۱۷۴﴾ اِنَّمَا ذٰلِكُمُ الشَّيْطٰنُ
يُخَوِّفُ اَوْلِيَآءَهٗ ۠ فَلَا تَخَافُوْهُمْ وَخَافُوْنِ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱۷۵﴾
وَلَا يَحْزُنْكَ الَّذِيْنَ يُسَارِعُوْنَ فِي الْكُفْرِ ۚ اِنَّهُمْ لَنْ يَّضُرُّوا اللّٰهَ شَيْـًٔا ۭ
يُرِيْدُ اللّٰهُ اَلَّا يَجْعَلَ لَهُمْ حَظًّا فِي الْاٰخِرَةِ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿۱۷۶﴾
اِنَّ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الْكُفْرَ بِالْاِيْمَانِ لَنْ يَّضُرُّوا اللّٰهَ شَيْـًٔا ۚ وَلَهُمْ
عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۱۷۷﴾ وَلَا يَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَنَّمَا نُمْلِيْ لَهُمْ خَيْرٌ
لِّاَنْفُسِهِمْ ۭ اِنَّمَا نُمْلِيْ لَهُمْ لِيَزْدَادُوْٓا اِثْمًا ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿۱۷۸﴾
مَا كَانَ اللّٰهُ لِيَذَرَ الْمُؤْمِنِيْنَ عَلٰي مَآ اَنْتُمْ عَلَيْهِ حَتّٰى يَمِيْزَ
الْخَبِيْثَ مِنَ الطَّيِّبِ ۭ وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُطْلِعَكُمْ عَلَي الْغَيْبِ وَ
لٰكِنَّ اللّٰهَ يَجْتَبِيْ مِنْ رُّسُلِهٖ مَنْ يَّشَاۗءُ ۠ فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖ ۚ
وَاِنْ تُؤْمِنُوْا وَتَتَّقُوْا فَلَكُمْ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿۱۷۹﴾ وَلَا يَحْسَبَنَّ
الَّذِيْنَ يَبْخَلُوْنَ بِمَآ اٰتٰىھُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ھُوَ خَيْرًا
لَّھُمْ ۭ بَلْ ھُوَ شَرٌّ لَّھُمْ ۭ سَيُطَوَّقُوْنَ مَا بَخِلُوْا بِهٖ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۭ وَ
لِلّٰهِ مِيْرَاثُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿۱۸۰﴾ ع

پوءِ (اُهي مسلمان) الله جي نعمت ۽ فضل سان موٽيا کين ڪا سختي نہ پهتي ۽ الله جي راضپي جي پٺيان لڳا- ۽ الله وڏي فضل وارو آهي (۱۷۴). (اُهو اوهان کي جنگ کان جهليندڙ) شيطان کان سواءِ ٻيو نہ آهي جو پنهنجن دوستن کي ڊيڄاريندو آهي جيڪڏهن (اوهين) مؤمن آهيو تہ اُنهن (ڪافرن) کان نہ ڊڄو ۽ مون کان ڊڄو (۱۷۵). ۽ (اي پيغمبر!) جيڪي ڪفر (جي سوڀ) ۾ اڳرائي ڪندا آهن سي توکي غمگين نہ ڪن، ڇو تہ اُهي الله کي ڪجھ بہ نقصان نہ لائيندا. الله گهرندو آهي تہ اُنهن کي آخرت ۾ ڪجھ بهرو نہ ڏئي، ۽ اُنهن لاءِ وڏو عذاب آهي (۱۷٦). جن ايمان جي بدران ڪفر خريد ڪيو سي الله کي ڪجھ بہ نقصان نہ لائيندا. ۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (۱۷۷). ۽ ڪافر (هيءُ) نہ ڀانئن تہ کين اسان جي مهلت ڏيڻ اُنهن لاءِ ڀلي آهي- اُنهن کي هن کان سواءِ ڍر نہ ڏني سون تہ گناه ۾ وڌن، ۽ اُنهن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي (۱۷۸). (اي منافقؤ!) الله کي نہ جڳائيندو آهي تہ جنهن تي اوهين آهيو تنهن تي مؤمنن کي (بہ) ڇڏي ڏي تان جو پليت کي پاڪ کان ڌار ڪري- ۽ الله کي نہ جڳائيندو آهي جو اوهانکي ڳجھ تي واقف ڪري پر الله پنهنجن پيغمبرن مان جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي چونڊيندو آهي پوءِ الله ۽ سندس پيغمبرن کي مڃيو، ۽ جيڪڏهن (اوهين) مڃيندؤ ۽ ڊڄندؤ تہ اوهان لاءِ وڏو اجر آهي (۱۷۹). ۽ جيڪي الله پنهنجي فضل سان کين ڏنو آهي تنهن ۾ جيڪي بخل ڪن سي (ائين) بالڪل نہ ڀانئين تہ اُهو (بخل) کين ڪو چڱو آهي- بلڪ اُهو اُنهن لاءِ بڇڙو آهي- جنهن شيءِ جو بخل ڪيائون سا قيامت جي ڏينهن ڳٽ ڪري وجهبين- ۽ آسمانن ۽ زمين جي ميراث الله جي آهي- ۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي (۱۸۰).

لَقَدْ سَمِعَ اللّٰهُ قَوْلَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ فَقِيْرٌ وَّنَحْنُ
اَغْنِيَآءُ ۘ سَنَكْتُبُ مَا قَالُوْا وَقَتْلَهُمُ الْاَنْۢبِيَآءَ بِغَيْرِ حَقٍّ ۙ
وَّنَقُوْلُ ذُوْقُوْا عَذَابَ الْحَرِيْقِ ﴿١٨١﴾ ذٰلِكَ بِمَا قَدَّمَتْ
اَيْدِيْكُمْ وَاَنَّ اللّٰهَ لَيْسَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ﴿١٨٢﴾ اَلَّذِيْنَ قَالُوْٓا
اِنَّ اللّٰهَ عَهِدَ اِلَيْنَآ اَلَّا نُؤْمِنَ لِرَسُوْلٍ حَتّٰى يَاْتِيَنَا
بِقُرْبَانٍ تَاْكُلُهُ النَّارُ ؕ قُلْ قَدْ جَآءَكُمْ رُسُلٌ مِّنْ قَبْلِيْ بِالْبَيِّنٰتِ
وَبِالَّذِيْ قُلْتُمْ فَلِمَ قَتَلْتُمُوْهُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١٨٣﴾
فَاِنْ كَذَّبُوْكَ فَقَدْ كُذِّبَ رُسُلٌ مِّنْ قَبْلِكَ جَآءُوْ
بِالْبَيِّنٰتِ وَالزُّبُرِ وَالْكِتٰبِ الْمُنِيْرِ ﴿١٨٤﴾ كُلُّ نَفْسٍ ذَآئِقَةُ
الْمَوْتِ ؕ وَاِنَّمَا تُوَفَّوْنَ اُجُوْرَكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ فَمَنْ
زُحْزِحَ عَنِ النَّارِ وَاُدْخِلَ الْجَنَّةَ فَقَدْ فَازَ ؕ وَمَا
الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا مَتَاعُ الْغُرُوْرِ ﴿١٨٥﴾ لَتُبْلَوُنَّ فِيْٓ
اَمْوَالِكُمْ وَاَنْفُسِكُمْ ۫ وَلَتَسْمَعُنَّ مِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا
الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَمِنَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْٓا اَذًى كَثِيْرًا ؕ
وَاِنْ تَصْبِرُوْا وَتَتَّقُوْا فَاِنَّ ذٰلِكَ مِنْ عَزْمِ الْاُمُوْرِ ﴿١٨٦﴾

بيشڪ الله اُنهن جو چوڻ ٻڌو جن چيو تہ الله سڃو آهي ۽ اسين شاهوڪار آهيون۔ جيڪي چيائون سو لکنداسون ۽ انهن جو پيغمبرن کي ناحق ڪهڻ بہ. ۽ (آخرت ۾) چونداسون تہ ساڙيندڙ عذاب (جو مزو) چکو (١٨١) . اها (سزا) اِنهيءَ سببان آهي جو اوهان جي هٿن اڳ موڪليو آهي ۽ (هن سببان) تہ الله ٻانهن تي ظلم ڪندڙ نہ آهي (١٨٢) . جيڪي چون ٿا تہ الله اسان سان انجام ڪيو آهي تہ ڪنهن پيغمبر تي ايستائين ايمان نہ آڻيون جيستائين (هو اهڙي) قرباني اسان وٽ (نہ) آڻي جو اُن (قربانيءَ) کي باهہ کائي۔ (اي پيغمبر! ڪين) چؤ تہ بيشڪ مون کان اڳ ڪيترن پيغمبرن معجزا ۽ (ٻيو) جيڪي چيوَ سو اوهان وٽ آندو پوءِ جيڪڏهن اوهين سچا آهيو تہ اُنهن (پيغمبرن) کي ڇا لاءِ ڪُٺوَ؟ (١٨٣). پوءِ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن توکي ڪوڙو ڀانيائون تہ بيشڪ تو کان اڳ ڪيترا پيغمبر ڪوڙا ڀانيا ويا هئا (جن) ڪيتريون حجتون ۽ ڪيترا صحيفا ۽ نوراني ڪتاب (وٽن) آندا (١٨۴) . سڀ ڪو نفس موت (جو مزو) چکندڙ آهي۔ ۽ بيشڪ اوهان کي قيامت جي ڏينهن پورو اجر ڏبو۔ پوءِ جنهن کي باهہ کان پري ڪيو ويو ۽ بهشت ۾ داخل ڪيو ويو سو بيشڪ مراد کي پهتو، ۽ دنيا جي حياتي ٺڳيءَ جي سامان کان سواءِ ڪجهہ نہ آهي (١٨٥) . (اوهين) پنهنجن مالن ۽ پنهنجين جانين ۾ ضرور پرکبؤ۔ ۽ جن کي اوهان کان اڳ ڪتاب ڏنو ويو آهي تن کان ۽ مشرڪن کان گهڻيون گاريون ضرور ٻڌندؤ ۽ جيڪڏهن صبر ڪندؤ ۽ (الله کان) ڊڄندؤ تہ لها (عادت) همت جي ڪمن مان آهي (١٨٦) .

وَاِذْ اَخَذَ اللّٰهُ مِيْثَاقَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ لَتُبَيِّنُنَّهٗ
لِلنَّاسِ وَلَا تَكْتُمُوْنَهٗ ۖ فَنَبَذُوْهُ وَرَآءَ ظُهُوْرِهِمْ وَ
اشْتَرَوْا بِهٖ ثَمَنًا قَلِيْلًا ؕ فَبِئْسَ مَا يَشْتَرُوْنَ ﴿١٨٧﴾ لَا تَحْسَبَنَّ
الَّذِيْنَ يَفْرَحُوْنَ بِمَاۤ اَتَوْا وَّيُحِبُّوْنَ اَنْ يُّحْمَدُوْا بِمَا لَمْ
يَفْعَلُوْا فَلَا تَحْسَبَنَّهُمْ بِمَفَازَةٍ مِّنَ الْعَذَابِ ۚ وَلَهُمْ
عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١٨٨﴾ وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَاللّٰهُ
عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٨٩﴾ اِنَّ فِىْ خَلْقِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ
وَاخْتِلَافِ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ لَاٰيٰتٍ لِّاُولِى الْاَلْبَابِ ﴿١٩٠﴾ ۚ ۖ
الَّذِيْنَ يَذْكُرُوْنَ اللّٰهَ قِيٰمًا وَّقُعُوْدًا وَّعَلٰى جُنُوْبِهِمْ
وَيَتَفَكَّرُوْنَ فِىْ خَلْقِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ رَبَّنَا مَا
خَلَقْتَ هٰذَا بَاطِلًا ۚ سُبْحٰنَكَ فَقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿١٩١﴾
رَبَّنَاۤ اِنَّكَ مَنْ تُدْخِلِ النَّارَ فَقَدْ اَخْزَيْتَهٗ ؕ وَمَا لِلظّٰلِمِيْنَ
مِنْ اَنْصَارٍ ﴿١٩٢﴾ رَبَّنَاۤ اِنَّنَا سَمِعْنَا مُنَادِيًا يُّنَادِىْ
لِلْاِيْمَانِ اَنْ اٰمِنُوْا بِرَبِّكُمْ فَاٰمَنَّا ۖ رَبَّنَا فَاغْفِرْ لَنَا
ذُنُوْبَنَا وَكَفِّرْ عَنَّا سَيِّاٰتِنَا وَتَوَفَّنَا مَعَ الْاَبْرَارِ ﴿١٩٣﴾ ۚ

۽ (ياد ڪر) جڏهن الله ڪتاب وارن کان هن لاءِ (پڪو) انجام ورتو تہ اُن (ڪتاب) کي ماڻهن لاءِ بيان ڪجو ۽ اُن کي نہ لڪائجو، پوءِ اُن (انجام) کي پنهنجين پٺين پوئتان اُڇلايائون ۽ ان جي عوض ٿورڙو مله ورتائون- پوءِ جيڪي وٺندا آهن سو بڇڙو آهي!(١٨٧). (اي پيغمبر! تون) اُنهن کي ڇڱو نہ ڀانءِ جيڪي پنهنجي ڪِئي تي خوش ٿيندا آهن ۽ جيڪي نہ ڪيائون تنهن تي پنهنجي ساراهڻ کي پسند ڪندا آهن پوءِ تون اُنهن کي عذاب کان ڇٽل نہ ڀانءِ، ۽ اُنهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (١٨٨). ۽ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله جي آهي- ۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وسوارو آهي (١٨٩). آسمانن ۽ زمين جي بڻاوت (۾) ۽ رات ڏينهن جي ڦير گهير ۾ اُنهن سمجهہ وارن لاءِ ضرور نشانيون آهن (١٩٠). جيڪي بيٺي ۽ ويٺي ۽ پنهنجن پاسن ڀر الله کي ياد ڪندا آهن ۽ آسمانن ۽ زمين جي بڻاوت ۾ فڪر ڪندا آهن، (۽ چوندا آهن تہ) اي اسان جا پالڻهار! هن کي بي رٿو نہ بڻايو اٿيئي، توکي پاڪ ڄاڻون ٿا سو اسان کي باهہ جي عذاب کان بچاءِ! (١٩١). اي اسان جا پالڻهار! جنهن کي تو باهہ ۾ وڌو تنهن کي بيشڪ خوار ڪيئي- ۽ ظالمن جو ڪو مددگار نہ آهي (١٩٢). اي اسان جا پالڻهار! اسان سڏيندڙ جي سڏ کي ٻڌو جو ايمان ڏانهن سڏيندو آهي تہ پنهنجي پالڻهار تي ايمان آڻيو پوءِ مڃيوسون. اي اسان جا پالڻهار! اسان کي اسان جا گناه بخش ۽ اسان کان اسانجون مدايون ميٽ ۽ اسان کي ڀلارن سان گڏ موت (نصيب) ڪر (١٩٣).

رَبَّنَا وَاٰتِنَا مَا وَعَدْتَّنَا عَلٰى رُسُلِكَ وَلَا تُخْزِنَا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ
اِنَّكَ لَا تُخْلِفُ الْمِيْعَادَ ﴿۱۹۴﴾ فَاسْتَجَابَ لَهُمْ رَبُّهُمْ اَنِّىْ لَاۤ اُضِيْعُ
عَمَلَ عَامِلٍ مِّنْكُمْ مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى ۚ بَعْضُكُمْ مِّنْۢ بَعْضٍ ۚ
فَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا وَاُخْرِجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَاُوْذُوْا فِىْ سَبِيْلِىْ
وَقٰتَلُوْا وَقُتِلُوْا لَاُكَفِّرَنَّ عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ وَلَاُدْخِلَنَّهُمْ
جَنّٰتٍ تَجْرِىْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۚ ثَوَابًا مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ وَ
اللّٰهُ عِنْدَهٗ حُسْنُ الثَّوَابِ ﴿۱۹۵﴾ لَا يَغُرَّنَّكَ تَقَلُّبُ الَّذِيْنَ
كَفَرُوْا فِى الْبِلَادِ ؕ ﴿۱۹۶﴾ مَتَاعٌ قَلِيْلٌ ۫ ثُمَّ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ؕ وَ
بِئْسَ الْمِهَادُ ﴿۱۹۷﴾ لٰكِنِ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ لَهُمْ جَنّٰتٌ تَجْرِىْ
مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا نُزُلًا مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ وَمَا
عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ لِّلْاَبْرَارِ ﴿۱۹۸﴾ وَاِنَّ مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ لَمَنْ
يُّؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَمَاۤ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ وَمَاۤ اُنْزِلَ اِلَيْهِمْ خٰشِعِيْنَ
لِلّٰهِ ۙ لَا يَشْتَرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ثَمَنًا قَلِيْلًا ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ اَجْرُهُمْ
عِنْدَ رَبِّهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿۱۹۹﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا
اصْبِرُوْا وَصَابِرُوْا وَرَابِطُوْا ۫ وَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۲۰۰﴾ ع

اي اسان جا پالڻهار! اسان کي پنهنجن پيغمبرن (جي زبان) سان جيڪو انجام ڏنو اٿيئي سو پاڙ ۽ قيامت جي ڏينهن اسان کي خوار نہ ڪج. بيشڪ تون وعدي خلافي نہ ڪندو آهين (۱۹۴). پوءِ سندن پالڻهار اُنهن جي دعا قبول ڪئي تہ آءٌ اوهان مان عمل ڪندڙ مرد يا عورت جو عمل نہ وڃائيندس، اوهان هڪٻئي مان (پيدا ٿيل) آهيو (يعني سڀ هڪ جنس آهيو) پوءِ جن وطن ڇڏيو ۽ پنهنجن گهرن مان ڪڍيا ويا ۽ منهنجيءَ واٽ ۾ ڏکويا ويا ۽ وڙهيا ۽ ڪُٺا ويا، تن کان سندن مدايون ضرور ميٽيندس، ۽ اُنهن کي (بهشت جي اُهڙن) باغن ۾ ضرور داخل ڪندس جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن، (اهو) بدلو الله وٽان آهي. ۽ الله وٽ چڱو بدلو آهي (۱۹۵). (اي پيغمبر!) ملڪن ۾ ڪافرن جو ڦرڻ گهرڻ توکي نہ ٺڳي (۱۹٦). اِهو ٿورڙو فائدو آهي، وري سندن جاءِ دوزخ آهي. ۽ (اُهو) بڇڙو هنڌ آهي (۱۹۷). پر جيڪي پنهنجي پالڻهار کان ڊنا تن لاءِ باغ آهن جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن اُن ۾ سدائين رهڻ وارا آهن. اها مهماني الله وٽان آهي ۽ جيڪي الله وٽ آهي سو ڀلارن لاءِ چڱو آهي (۱۹۸). ۽ ڪتاب وارن مان ڪي اُهي آهن جيڪي الله کي ۽ جيڪي توڏانهن (قرآن) لاٿو ويو تنهن کي ۽ جيڪي (توريت) اُنهن ڏانهن لاٿو ويو تنهن کي الله جي عاجزي ڪندڙ ٿي مڃيندا آهن الله جي آيتن کي ٿوري مُلهہ سان نہ وڪڻندا آهن. اِهي (اُهي) آهن جن لاءِ سندن پالڻهار وٽ سندن اجر آهي ، بيشڪ الله سگهو حساب وٺندڙ آهي (۱۹۹). اي ايمان وارؤ صبر ڪريو ۽ (جهاد لاءِ) مضبوط ٿيو ۽ جڙيا رهو، ۽ الله کان ڊڄو تہ مانَ اوهين ڪامياب ٿيو (۲۰۰).

# سورة النساء

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا رَبَّكُمُ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ
وَّاحِدَةٍ وَّخَلَقَ مِنْهَا زَوْجَهَا وَبَثَّ مِنْهُمَا رِجَالًا كَثِيْرًا
وَّنِسَآءً ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْ تَسَآءَلُوْنَ بِهٖ وَالْاَرْحَامَ ؕ
اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلَيْكُمْ رَقِيْبًا ① وَاٰتُوا الْيَتٰمٰۤى اَمْوَالَهُمْ
وَلَا تَتَبَدَّلُوا الْخَبِيْثَ بِالطَّيِّبِ ۪ وَلَا تَاْكُلُوْۤا اَمْوَالَهُمْ
اِلٰۤى اَمْوَالِكُمْ ؕ اِنَّهٗ كَانَ حُوْبًا كَبِيْرًا ② وَاِنْ خِفْتُمْ اَلَّا
تُقْسِطُوْا فِي الْيَتٰمٰى فَانْكِحُوْا مَا طَابَ لَكُمْ مِّنَ
النِّسَآءِ مَثْنٰى وَثُلٰثَ وَرُبٰعَ ۚ فَاِنْ خِفْتُمْ اَلَّا تَعْدِلُوْا
فَوَاحِدَةً اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ ؕ ذٰلِكَ اَدْنٰۤى اَلَّا تَعُوْلُوْا ③ ؕ
وَاٰتُوا النِّسَآءَ صَدُقٰتِهِنَّ نِحْلَةً ؕ فَاِنْ طِبْنَ لَكُمْ
عَنْ شَيْءٍ مِّنْهُ نَفْسًا فَكُلُوْهُ هَنِيْٓـًٔا مَّرِيْٓـًٔا ④ وَلَا تُؤْتُوا
السُّفَهَآءَ اَمْوَالَكُمُ الَّتِيْ جَعَلَ اللّٰهُ لَكُمْ قِيٰمًا وَّارْزُقُوْهُمْ
فِيْهَا وَاكْسُوْهُمْ وَقُوْلُوْا لَهُمْ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ⑤

سورة نساءَ مدني آهي ۽ هن ۾ هڪ سؤ
ڇاهتر آيتون ۽ چوويهه رڪوع آهن

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اي انسانؤ! اوهين اُنهيءَ پنهنجي پالڻهار کان ڊڄو جنهن اوهان کي هڪ جِني (آدم) مان پيدا ڪيو ۽ منجهانئس سندس زال پيدا ڪيائين ۽ اُنهن مان گهڻا مرد ۽ عورتون پکيڙيائين، ۽ اُنهيءَ الله کان ڊڄو جنهن (جي نالي) سان (پاڻ ۾) هڪ ٻئي کان گهرندا آهيو ۽ مائٽيءَ (ڇنڻ) کان (به ڊڄو)۔ ڇو ته الله اوهان تي نگهبان آهي (١). ۽ يتيمن کي سندن مال ڏيو ۽ سٺيءَ شيءِ کي بڇڙيءَ شيءِ سان نه مٽايو ۽ اُنهن (يتيمن) جو مال پنهنجن مالن سان (گڏي) نه کائو۔ ڇو ته اُهو وڏو ڏوهه آهي (٢). جيڪڏهن ڊڄو ته يتيم ڇوڪرين (جي نڪاح ڪرڻ) ۾ عدل نه ڪندؤ ته (ٻين) زالن مان جيڪي اوهان کي وڻن سي ٻه ٻه ۽ ٽي ٽي ۽ چار چار پرڻجو، پوءِ جيڪڏهن ڊڄو ته اوهان کان انصاف ٿي نه سگهندو ته هڪ (پرڻجو) يا اوهان جا هٿ جن (ٻانهين) جا مالڪ ٿيا آهن (سي رکو)۔ اهو هن کي ويجهو آهي ته ڏاڍائي نه ڪريو (٣). ۽ زالن کي سندن ڪابين خوشيءَ سان ڏيو۔ پوءِ جيڪڏهن اوهان کي پاڻ خوشيءَ سان اُنهيءَ مان ڪجهه ڇڏين ته اُهو سُهائيندڙ وڻندڙ ڪري کائو (۴). ۽ بي سمجهن کي پنهنجا اُهي مال نه ڏيو جن کي الله اوهان لاءِ گذران جو سبب بڻايو آهي ۽ منجهانئس کين کارايو ۽ کين پهرايو ۽ کين چڱي ڳالهه چئو (٥).

وَابْتَلُوا الْيَتٰمٰى حَتّٰىٓ اِذَا بَلَغُوا النِّكَاحَ ۚ فَاِنْ اٰنَسْتُمْ
مِّنْهُمْ رُشْدًا فَادْفَعُوْٓا اِلَيْهِمْ اَمْوَالَهُمْ ۚ وَلَا تَاْكُلُوْهَآ
اِسْرَافًا وَّبِدَارًا اَنْ يَّكْبَرُوْا ؕ وَمَنْ كَانَ غَنِيًّا
فَلْيَسْتَعْفِفْ ۚ وَمَنْ كَانَ فَقِيْرًا فَلْيَاْكُلْ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ
فَاِذَا دَفَعْتُمْ اِلَيْهِمْ اَمْوَالَهُمْ فَاَشْهِدُوْا عَلَيْهِمْ ؕ
وَكَفٰى بِاللّٰهِ حَسِيْبًا ﴿۶﴾ لِلرِّجَالِ نَصِيْبٌ مِّمَّا تَرَكَ
الْوَالِدٰنِ وَالْاَقْرَبُوْنَ ۠ وَلِلنِّسَآءِ نَصِيْبٌ مِّمَّا
تَرَكَ الْوَالِدٰنِ وَالْاَقْرَبُوْنَ مِمَّا قَلَّ مِنْهُ اَوْ كَثُرَ ؕ
نَصِيْبًا مَّفْرُوْضًا ﴿۷﴾ وَاِذَا حَضَرَ الْقِسْمَةَ اُولُوا
الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنُ فَارْزُقُوْهُمْ مِّنْهُ
وَقُوْلُوْا لَهُمْ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ﴿۸﴾ وَلْيَخْشَ الَّذِيْنَ
لَوْ تَرَكُوْا مِنْ خَلْفِهِمْ ذُرِّيَّةً ضِعٰفًا خَافُوْا
عَلَيْهِمْ ۠ فَلْيَتَّقُوا اللّٰهَ وَلْيَقُوْلُوْا قَوْلًا سَدِيْدًا ﴿۹﴾
اِنَّ الَّذِيْنَ يَاْكُلُوْنَ اَمْوَالَ الْيَتٰمٰى ظُلْمًا اِنَّمَا
يَاْكُلُوْنَ فِيْ بُطُوْنِهِمْ نَارًا ؕ وَسَيَصْلَوْنَ سَعِيْرًا ﴿۱۰﴾ ع

۽ ايستائين يتيمن کي پرکيو جيستائين پرڻي (جي عمر) کي پهچن، پوءِ جيڪڏهن اُنهن ۾ ڪا سياڻپ لهو تہ سندن مال کين ورائي ڏيو، ۽ اُهي (مال) اجايو ۽ (سندن) وڏي ٿيڻ جي ڀؤ کان تڪڙ ڪري نہ کائو ۽ جيڪو (سنڀاليندڙ) آسودو هجي تنهن کي گهرجي تہ (يتيم جي مال کائڻ کان) پاسي رهي، ۽ جيڪو مسڪين هجي سو مناسب (خدمت) آهر کائيندو رهي- پوءِ جڏهن سندن مال کين ورائي ڏيو تڏهن مٿن شاهد ڪريو- ۽ الله حساب ڪندڙ بس آهي (٦). جيڪو (مال) ماءُ پيءُ ۽ مٽن ڇڏيو تنهن مان مردن لاءِ حصو آهي ۽ جيڪو (مال) ماءُ پيءُ ۽ مٽن ڇڏيو تنهن مان زائفن لاءِ (بہ) حصو آهي اهو (ڇڏيل مال) ٿورو هجي يا گهڻو، حصا (الله جا) مقرر ڪيل آهن (٧). ۽ جڏهن ورهاڱي مهل مائٽيءَ وارا ۽ يتيم ۽ مسڪين حاضر ٿين تڏهن اُن (مال) مان اُنهن ماڻهن کي (ڪجھ) ڏيو ۽ اُنهن کي مٺي ڳالھ چئو (٨). ۽ اُنهن کي (الله کان) ڊڄڻ گهرجي جيڪي جيڪڏهن پنهنجي پٺيان هيڻو اولاد ڇڏين تہ مٿن ڊڄن (تہ ڪهڙو حال ٿيندن) پوءِ گهرجي تہ الله کان ڊڄن ۽ گهرجي تہ سڌي ڳالھ چون (٩). جيڪي يتيمن جو مال ڏاڍ سان کائيندا آهن سي پنهنجن پيٽن ۾ رڳو باھ کائيندا آهن ۽ دوزخ ۾ سگهو گهڙندا (١٠).

يُوۡصِيۡكُمُ اللّٰهُ فِيۡۤ اَوۡلَادِكُمۡ لِلذَّكَرِ مِثۡلُ حَظِّ الۡاُنۡثَيَيۡنِ ۚ فَاِنۡ كُنَّ
نِسَآءً فَوۡقَ اثۡنَتَيۡنِ فَلَهُنَّ ثُلُثَا مَا تَرَكَ ۚ وَاِنۡ كَانَتۡ وَاحِدَةً فَلَهَا
النِّصۡفُ ؕ وَلِاَبَوَيۡهِ لِكُلِّ وَاحِدٍ مِّنۡهُمَا السُّدُسُ مِمَّا تَرَكَ اِنۡ
كَانَ لَهٗ وَلَدٌ ۚ فَاِنۡ لَّمۡ يَكُنۡ لَّهٗ وَلَدٌ وَّوَرِثَهٗۤ اَبَوٰهُ فَلِاُمِّهِ الثُّلُثُ ۚ
فَاِنۡ كَانَ لَهٗۤ اِخۡوَةٌ فَلِاُمِّهِ السُّدُسُ مِنۡۢ بَعۡدِ وَصِيَّةٍ يُّوۡصِيۡ
بِهَاۤ اَوۡ دَيۡنٍ ؕ اٰبَآؤُكُمۡ وَاَبۡنَآؤُكُمۡ ۚ لَا تَدۡرُوۡنَ اَيُّهُمۡ اَقۡرَبُ لَكُمۡ
نَفۡعًا ؕ فَرِيۡضَةً مِّنَ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيۡمًا حَكِيۡمًا ﴿١١﴾ وَلَكُمۡ
نِصۡفُ مَا تَرَكَ اَزۡوَاجُكُمۡ اِنۡ لَّمۡ يَكُنۡ لَّهُنَّ وَلَدٌ ۚ فَاِنۡ كَانَ
لَهُنَّ وَلَدٌ فَلَكُمُ الرُّبُعُ مِمَّا تَرَكۡنَ مِنۡۢ بَعۡدِ وَصِيَّةٍ يُّوۡصِيۡنَ بِهَاۤ
اَوۡ دَيۡنٍ ؕ وَلَهُنَّ الرُّبُعُ مِمَّا تَرَكۡتُمۡ اِنۡ لَّمۡ يَكُنۡ لَّكُمۡ وَلَدٌ ۚ فَاِنۡ
كَانَ لَكُمۡ وَلَدٌ فَلَهُنَّ الثُّمُنُ مِمَّا تَرَكۡتُمۡ مِّنۡۢ بَعۡدِ وَصِيَّةٍ
تُوۡصُوۡنَ بِهَاۤ اَوۡ دَيۡنٍ ؕ وَاِنۡ كَانَ رَجُلٌ يُّوۡرَثُ كَلٰلَةً اَوِ امۡرَاَةٌ
وَّلَهٗۤ اَخٌ اَوۡ اُخۡتٌ فَلِكُلِّ وَاحِدٍ مِّنۡهُمَا السُّدُسُ ۚ فَاِنۡ كَانُوۡۤا اَكۡثَرَ
مِنۡ ذٰلِكَ فَهُمۡ شُرَكَآءُ فِي الثُّلُثِ مِنۡۢ بَعۡدِ وَصِيَّةٍ يُّوۡصٰى بِهَاۤ
اَوۡ دَيۡنٍ ۙ غَيۡرَ مُضَآرٍّ ۚ وَصِيَّةً مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيۡمٌ حَلِيۡمٌ ﴿١٢﴾ ؕ

الله اوهان جي اولاد بابت اوهان کي وصيت ٿو ڪري ته پٽ لاءِ (حصو) ٻن ڌيئرن جي ڀاڱي جيترو آهي، ۽ جيڪڏهن (فقط) ڌيئرون ٻن کان وڌيڪ هجن ته (مُئل) جيڪي ڇڏيو تنهن جون ٻه ٽهايون اُنهن لاءِ آهن، ۽ جيڪڏهن (فقط) هڪ آهي ته اُن لاءِ اڌ آهي۔ ۽ مئل جيڪي ڇڏيو تنهن مان اُن جي ماءُ پيءُ هر هڪ لاءِ ڇهون ڀاڱو آهي (سو تڏهن) جڏهن اُن (مئل) کي اولاد هجي، ۽ جيڪڏهن اُن کي اولاد نه هجي ۽ اُن جا وارث ماءُ پيءُ هجن ته ماٽس لاءِ ٽيون ڀاڱو (۽ باقي پٽس لاءِ) آهي، ۽ جيڪڏهن اُن (مئل) کي ڀائر هجن ته ماٽس لاءِ ڇهون حصو آهي (اِهو ورهاڱو) وصيت (جي ادائگي کان پوءِ) جنهن لاءِ اُها وصيت ڪيائين يا قرض جي ادائگي کان پوءِ (ڪرڻو) آهي۔ اوهان جا پيئر ۽ اوهان جا پٽ (اوهين) نه ڄاڻندا آهيو ته اُنهن مان ڪهڙو اوهان لاءِ فائدي جي ڪري وڌيڪ ويجهو آهي؟ (اِهو ورهاڱو) الله جي (پار کان) فرض ڪيل آهي۔ ڇو ته الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (١١). ۽ جيڪي (مال) اوهان جي زالن ڇڏيو تنهن جو اڌ اوهان لاءِ آهي جيڪڏهن انهن کي ڪو ٻار ڪونه هجي، پر جيڪڏهن اُنهن کي ٻار هجي ته جيڪي ڇڏيائون تنهن مان چوٿون ڀاڱو وصيت (جي ادائگي کان پوءِ) جنهن لاءِ اُها وصيت ڪيائون يا قرض جي ادائگي کان پوءِ اوهان لاءِ آهي۔ ۽ جيڪي (مال) اوهان ڇڏيو تنهن مان جيڪڏهن اوهان کي ٻار ڪونهي ته اُنهن (زالن) لاءِ چوٿون ڀاڱو آهي، ۽ جيڪڏهن اوهان کي ٻار آهي ته جيڪي (مال) اوهان ڇڏيو تنهن مان وصيت (جي ادائگي) جنهن لاءِ اُها وصيت ڪئي اٿو يا قرض جي ادائگي کان پوءِ اُنهن (زالن) لاءِ اٺون ڀاڱو آهي۔ ۽ جيڪڏهن ڪو (مئل) مرد يا عورت ورثو ڇڏي (۽ اُهو) ڪلالہ هجي (يعني جنهن کي ماءُ پيءُ ۽ ڪو ٻار نه هجي) ۽ اُن کي (مائيٽو) هڪ ڀاءُ يا هڪ ڀيڻ هجي ته اُنهن منجهان هر هڪ لاءِ ڇهون حصو آهي، ۽ جيڪڏهن اِنهن کان وڌيڪ هجن ته اُهي (سڀ) جا وصيت نقصان واري نه ڪئي ويئي هجي تنهن يا قرض جي ادائگيءَ کان پوءِ ٽهائيءَ ۾ ڀائيوار آهن۔ (اِهو) الله جو حڪم آهي ۽ الله ڄاڻندڙ بردبار آهي (١٢).

تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ ؕ وَ مَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ يُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ
تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ وَ ذٰلِكَ الْفَوْزُ
الْعَظِيْمُ ﴿١٣﴾ وَ مَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ وَ يَتَعَدَّ حُدُوْدَهٗ
يُدْخِلْهُ نَارًا خَالِدًا فِيْهَا ۪ وَ لَهٗ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿١٤﴾ وَ الّٰتِيْ
يَاْتِيْنَ الْفَاحِشَةَ مِنْ نِّسَآئِكُمْ فَاسْتَشْهِدُوْا
عَلَيْهِنَّ اَرْبَعَةً مِّنْكُمْ ۚ فَاِنْ شَهِدُوْا فَاَمْسِكُوْهُنَّ فِي
الْبُيُوْتِ حَتّٰى يَتَوَفّٰىهُنَّ الْمَوْتُ اَوْ يَجْعَلَ اللّٰهُ لَهُنَّ
سَبِيْلًا ﴿١٥﴾ وَ الَّذٰنِ يَاْتِيٰنِهَا مِنْكُمْ فَاٰذُوْهُمَا ۚ فَاِنْ تَابَا
وَ اَصْلَحَا فَاَعْرِضُوْا عَنْهُمَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا ﴿١٦﴾
اِنَّمَا التَّوْبَةُ عَلَى اللّٰهِ لِلَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ السُّوْٓءَ بِجَهَالَةٍ
ثُمَّ يَتُوْبُوْنَ مِنْ قَرِيْبٍ فَاُولٰٓئِكَ يَتُوْبُ اللّٰهُ
عَلَيْهِمْ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿١٧﴾ وَ لَيْسَتِ التَّوْبَةُ
لِلَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ السَّيِّاٰتِ ۚ حَتّٰٓى اِذَا حَضَرَ اَحَدَهُمُ
الْمَوْتُ قَالَ اِنِّيْ تُبْتُ الْـٰٔنَ وَ لَا الَّذِيْنَ يَمُوْتُوْنَ
وَ هُمْ كُفَّارٌ ؕ اُولٰٓئِكَ اَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿١٨﴾

اِهي الله جون حدون آهن۔ ۽ جيڪو الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪندو تنهن کي (الله اهڙن) باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن اُن ۾ سدائيــن رهڻ وارا آهن۔ ۽ اُها وڏي مراد ماڻڻ آهي (۱۳) . ۽ جيڪو الله ۽ سندس رسول جي بي فرماني ڪندو ۽ سندس حدن کان ٻاهر نڪرندو تنهن کي باهه ۾ داخل ڪندو اُن ۾ سدائين رهڻ وارو آهي ۽ اُن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي (۱۴) . ۽ اوهان جي زائفن مان جيڪي بي حيائيءَ جو ڪم ڪن تن تي پاڻ مان چار (مرد) شاهد ڪريو، پوءِ جيڪڏهن (شاهد) شاهدي ڏين ته اُنهن کي ايستائين گهرن ۾ جهليو جيستائين کين موت ماري يا الله اُنهن لاءِ ڪو رستو ڪڍي (۱۵) . ۽ اوهان مان جيڪي ٻه مرد اهو ڪم ڪن تن کي مار ڏيو، پوءِ جيڪڏهن توبه ڪن ۽ پاڻ سڌارين ته اُنهن (کي مار ڏيڻ) کان مڙو۔ چو ته الله توبه قبول ڪندڙ مهربان آهي (۱٦) . الله کي رڳو انهن جي توبه (قبول) ڪرڻ جڳائيندي آهي جيڪي بي سمجهائيءَ سان گناهه ڪندا آهن وري جهٽ پٽ توبه ڪندا آهن انهن تي الله (ٻاجهه سان) موٽندو آهي۔ ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (۱۷) . ۽ اُنهن جي توبه قبول ٿيڻي نه آهي جيڪي بڇڙايون ڪندا (رهندا) آهن (۽ نه ڊڄندا آهن) تان جو جنهن مهل اُنهن مان ڪنهن کي موت پهچي تنهن مهل (ڊڄي) چوي ته هاڻي آءٌ توبه ڪريان ٿو ۽ نڪي اُنهن جي (توبه قبول آهي) جيڪي ڪافر ٿي مرندا آهن۔ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيو اٿئون (۱۸) .

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا يَحِلُّ لَـكُمۡ اَنۡ تَرِثُوا النِّسَآءَ كَرۡهًا ‌ؕ وَلَا
تَعۡضُلُوۡهُنَّ لِتَذۡهَبُوۡا بِبَعۡضِ مَاۤ اٰتَيۡتُمُوۡهُنَّ اِلَّاۤ اَنۡ يَّاۡتِيۡنَ
بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ‌ ۚ وَعَاشِرُوۡهُنَّ بِالۡمَعۡرُوۡفِ‌ ۚ فَاِنۡ كَرِهۡتُمُوۡهُنَّ
فَعَسٰۤى اَنۡ تَكۡرَهُوۡا شَيۡـــًٔا وَّيَجۡعَلَ اللّٰهُ فِيۡهِ خَيۡرًا كَثِيۡرًا ﴿۱۹﴾ وَاِنۡ
اَرَدْتُّمُ اسۡتِبۡدَالَ زَوۡجٍ مَّكَانَ زَوۡجٍ ۙ وَّاٰتَيۡتُمۡ اِحۡدٰٮهُنَّ قِنۡطَارًا
فَلَا تَاۡخُذُوۡا مِنۡهُ شَيۡـــًٔا ‌ؕ اَتَاۡخُذُوۡنَهٗ بُهۡتَانًا وَّاِثۡمًا مُّبِيۡنًا ﴿۲۰﴾ وَ
كَيۡفَ تَاۡخُذُوۡنَهٗ وَقَدۡ اَفۡضٰى بَعۡضُكُمۡ اِلٰى بَعۡضٍ وَّاَخَذۡنَ مِنۡكُمۡ
مِّيۡثَاقًا غَلِيۡظًا ﴿۲۱﴾ وَلَا تَنۡكِحُوۡا مَا نَكَحَ اٰبَآؤُكُمۡ مِّنَ النِّسَآءِ اِلَّا مَا قَدۡ
سَلَفَ‌ ؕ اِنَّهٗ كَانَ فَاحِشَةً وَّمَقۡتًا ؕ وَسَآءَ سَبِيۡلًا ﴿۲۲﴾ حُرِّمَتۡ عَلَيۡكُمۡ
اُمَّهٰتُكُمۡ وَبَنٰتُكُمۡ وَاَخَوٰتُكُمۡ وَعَمّٰتُكُمۡ وَخٰلٰتُكُمۡ وَبَنٰتُ الۡاَخِ وَبَنٰتُ
الۡاُخۡتِ وَاُمَّهٰتُكُمُ الّٰتِىۡۤ اَرۡضَعۡنَكُمۡ وَاَخَوٰتُكُمۡ مِّنَ الرَّضَاعَةِ وَ
اُمَّهٰتُ نِسَآٮِٕكُمۡ وَرَبَآٮِٕبُكُمُ الّٰتِىۡ فِىۡ حُجُوۡرِكُمۡ مِّنۡ نِّسَآٮِٕكُمُ الّٰتِىۡ
دَخَلۡتُمۡ بِهِنَّ فَاِنۡ لَّمۡ تَكُوۡنُوۡا دَخَلۡتُمۡ بِهِنَّ فَلَا جُنَاحَ عَلَيۡكُمۡ
وَحَلَاۤٮِٕلُ اَبۡنَآٮِٕكُمُ الَّذِيۡنَ مِنۡ اَصۡلَابِكُمۡ ۙ وَاَنۡ تَجۡمَعُوۡا بَيۡنَ
الۡاُخۡتَيۡنِ اِلَّا مَا قَدۡ سَلَفَ‌ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوۡرًا رَّحِيۡمًا ۙ ﴿۲۳﴾

اي ايمان وارؤ! اوهان کي عورتن جو (سندن) بي مرضيءَ وارث ٿيڻ روا نہ
آهي- ۽ نکي سندن پڌري گناه ڪرڻ کان سواءِ کين هن لاءِ جهليو تہ
جيڪي کين ڏنو هجيو تنهن مان ڪجھ موٽائي وٺو، ۽ ساڻن چڱي هليءَ
چليءَ وانگر گذاريو، پوءِ جيڪڏهن اُهي اوهان کي نہ وڻن تہ (صبر ڪريو
ڇو تہ) جا شيءِ اوهان کي نہ وڻندي هجي تنهن ۾ ممڪن آهي تہ الله گھڻي
چڱائي ڪري (١٩) . ۽ جيڪڏهن (هڪ) زال جي بجاءِ ٻيءَ زال پرڻڻ جو
ارادو ڪريو ۽ اُنهن مان هڪڙي کي گھڻو مال (ڪابين ۾) ڏنو هجيو تہ
منجهانئس ڪجھ موٽائي نہ وٺو- (اوهين) بهتان ۽ پڌري گناه ڪندي
اُهو (مال) ڪسيندا آهيو ڇا؟ (٢٠) . اهو (مال) ڪهڙيءَ طرح ڪسيندا
آهيو؟ حالانڪ اوهان هڪ ٻئي کان نفعو وٺي چڪؤ ۽ (زالن بہ) اوهان
کان (مهر ڏيڻ جو) پڪو انجام ورتو آهي (٢١) . ۽ جيڪي زالون اوهان جي
پيئرن پرڻيون سي اوهين نہ پرڻجو پر جيڪي اڳي گذريو (سو گذريو) ڇو تہ
اُها بي حيائي ۽ گناه آهي ۽ اُها بڇڙي واٽ آهي (٢٢) . (اي مسلمانؤ!)
اوهان تي اوهان جون مائر ۽ اوهان جون ڌيئر ۽ اوهان جون ڀينر ۽ اوهان
جون ڦڦيون ۽ اوهان جون ماسيون ۽ ڀائٽيون ۽ ڀاڻيجيون ۽ اُهي اوهان جون
مائر جن اوهان کي ٿڃ پياري ۽ اوهان جون رضاعي (ٿڃ گڏ پيتل) ڀينر ۽
اوهان جي زالن جون مائر (يعني سسون) ۽ اُهي اوهان جون اڳ ڄايون
جيڪي اوهان جي هنجن ۾ پليون (۽) اوهان جي اُنهن زالن مان هجن جن
کي اوهين ويجها ويا آهيو پر جيڪڏهن اوهين اُنهن (سندن مائرن) کي
ويجها نہ ويا آهيو تہ اوهان تي گناه نہ آهي- ۽ اوهان جي اُنهن پٽن جون
زالون جيڪي (پٽ) اوهان جي پٺين مان (پيدا ٿيل) آهن، ۽ ٻن ڀينرن جو
گڏ پرڻجڻ حرام ڪيو ويو آهي پر جيڪي اڳ گذريو (سو گذريو) ڇو تہ
الله بخشڻهار مهربان آهي (٢٣) .

وَّالْمُحْصَنٰتُ مِنَ النِّسَآءِ اِلَّا مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ ۚ كِتٰبَ
اللّٰهِ عَلَيْكُمْ ۚ وَاُحِلَّ لَكُمْ مَّا وَرَآءَ ذٰلِكُمْ اَنْ تَبْتَغُوْا بِاَمْوَالِكُمْ
مُّحْصِنِيْنَ غَيْرَ مُسٰفِحِيْنَ ؕ فَمَا اسْتَمْتَعْتُمْ بِهٖ مِنْهُنَّ فَاٰتُوْهُنَّ
اُجُوْرَهُنَّ فَرِيْضَةً ؕ وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْمَا تَرٰضَيْتُمْ بِهٖ مِنْۢ بَعْدِ
الْفَرِيْضَةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿۲۴﴾ وَمَنْ لَّمْ يَسْتَطِعْ مِنْكُمْ
طَوْلًا اَنْ يَّنْكِحَ الْمُحْصَنٰتِ الْمُؤْمِنٰتِ فَمِنْ مَّا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ مِّنْ
فَتَيٰتِكُمُ الْمُؤْمِنٰتِ ؕ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِاِيْمَانِكُمْ ؕ بَعْضُكُمْ مِّنْۢ بَعْضٍ ۚ
فَانْكِحُوْهُنَّ بِاِذْنِ اَهْلِهِنَّ وَاٰتُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ بِالْمَعْرُوْفِ مُحْصَنٰتٍ
غَيْرَ مُسٰفِحٰتٍ وَّلَا مُتَّخِذٰتِ اَخْدَانٍ ۚ فَاِذَاۤ اُحْصِنَّ فَاِنْ اَتَيْنَ
بِفَاحِشَةٍ فَعَلَيْهِنَّ نِصْفُ مَا عَلَى الْمُحْصَنٰتِ مِنَ الْعَذَابِ ؕ ذٰلِكَ
لِمَنْ خَشِيَ الْعَنَتَ مِنْكُمْ ؕ وَاَنْ تَصْبِرُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ
رَّحِيْمٌ ﴿۲۵﴾ يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُبَيِّنَ لَكُمْ وَيَهْدِيَكُمْ سُنَنَ الَّذِيْنَ مِنْ
قَبْلِكُمْ وَيَتُوْبَ عَلَيْكُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿۲۶﴾ وَاللّٰهُ يُرِيْدُ اَنْ يَّتُوْبَ
عَلَيْكُمْ ۫ وَيُرِيْدُ الَّذِيْنَ يَتَّبِعُوْنَ الشَّهَوٰتِ اَنْ تَمِيْلُوْا مَيْلًا عَظِيْمًا ﴿۲۷﴾
يُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّخَفِّفَ عَنْكُمْ ۚ وَخُلِقَ الْاِنْسَانُ ضَعِيْفًا ﴿۲۸﴾

۽ پرڻيل عورتون (بہ حرام آهن) پر اوهان جا هٿ جن (ٻانهين) جا مالڪ ٿيا آهن (سي حرام نہ آهن)، اِهو حڪم الله اوهان تي لکيو آهي، ۽ انهن (حرام ڪيلن) کان سواءِ (ٻيون سڀ عورتون) اوهان لاءِ حلال آهن جڏهن پنهنجن مالن سان (ڪين) پرڻيندڙ، نہ زنا جو ارادو ڪندڙ هجو- پوءِ اهو (مال) جنهن جي عيوض انهن (زالن) کان (پرڻجڻ جو) فائدو ورتوَ تن کي سندن ڪابين مقرر ڪيل ڏيو- ۽ ڪابين مقرر ڪيل کان پوءِ جيتري (ڪابين) ۾ اوهين پاڻ ۾ راضي ٿيو تہ اوهان تي گناهہ نہ آهي- ڇو تہ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (۲۴). ۽ اوهان مان جيڪو آزاد مؤمنياڻين جي پرڻجڻ جي سگهہ نہ رکندو هجي سو انهن جو مومنياڻين ٻانهين مان جن جا مالڪ اوهان (مؤمن) مان آهن (ڪا پرڻي تہ عار نہ آهي)- ۽ الله اوهان جي ايمان کي بلڪل ڄاڻندڙ آهي- اوهان جا هڪڙا ٻين مان (پيدا ٿيل) آهن (يعني پاڻ ۾ هڪ جنس آهيو)، پوءِ ڪين سندن مالڪن جي موڪل سان پرڻجو ۽ سندن ڪابين عام هليءَ چليءَ وانگر ڪين ڏيو (اُهي) نڪاح ٻڌلون نہ زنا ڪندڙيون ۽ نڪي ڳجهن يارن وٺڻ واريون هجن، پوءِ جڏهن نڪاح ۾ آيون (تنهن کان) پوءِ جيڪڏهن (اُهي) ڪو بي حيائيءَ جو ڪم ڪن تہ جيڪا سزا آزاد عورتن تي آهي تنهن جو اڌ مٿن آهي- (اها ٻانهيءَ پرڻجڻ جي اجازت) اوهان مان اُنهيءَ لاءِ آهي جيڪو زنا (جي گناهہ ۾ پوڻ) کان ڊڄي- ۽ اوهان جو صبر ڪرڻ اوهان لاءِ ڀلو آهي- ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (۲۵). الله گهرندو آهي تہ اوهان لاءِ کولي بيان ڪري ۽ جيڪي اوهان کان اڳ (گذريا) آهن تن جو رستو اوهان کي ڏيکاري ۽ اوهان تي ٻاجهہ سان موٽي- ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (٢٦). ۽ الله اوهان تي ٻاجهہ سان موٽڻ گهرندو آهي، ۽ جيڪي پنهنجين سَڌن جي پٺيان لڳندا آهن سي اوهان جو (سڌيءَ واٽ کان) تمام پري ٿڙي وڃڻ گهرندا آهن (٢٧). الله اوهان تان (بار) هلڪو ڪرڻ گهرندو آهي، ۽ انسان (اصل) هيڻو پيدا ڪيو ويو آهي (٢٨).

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَاْكُلُوْۤا اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ
اِلَّاۤ اَنْ تَكُوْنَ تِجَارَةً عَنْ تَرَاضٍ مِّنْكُمْ ۫ وَلَا تَقْتُلُوْۤا اَنْفُسَكُمْ ؕ
اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِكُمْ رَحِيْمًا ﴿٢٩﴾ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ عُدْوَانًا وَّظُلْمًا
فَسَوْفَ نُصْلِيْهِ نَارًا ؕ وَكَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرًا ﴿٣٠﴾ اِنْ
تَجْتَنِبُوْا كَبَآئِرَ مَا تُنْهَوْنَ عَنْهُ نُكَفِّرْ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَنُدْخِلْكُمْ
مُّدْخَلًا كَرِيْمًا ﴿٣١﴾ وَلَا تَتَمَنَّوْا مَا فَضَّلَ اللّٰهُ بِهٖ بَعْضَكُمْ عَلٰى بَعْضٍ ؕ
لِلرِّجَالِ نَصِيْبٌ مِّمَّا اكْتَسَبُوْا ؕ وَلِلنِّسَآءِ نَصِيْبٌ مِّمَّا اكْتَسَبْنَ ؕ
وَسْـَٔلُوا اللّٰهَ مِنْ فَضْلِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا ﴿٣٢﴾ وَلِكُلٍّ
جَعَلْنَا مَوَالِيَ مِمَّا تَرَكَ الْوَالِدٰنِ وَالْاَقْرَبُوْنَ ؕ وَالَّذِيْنَ عَقَدَتْ
اَيْمَانُكُمْ فَاٰتُوْهُمْ نَصِيْبَهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدًا ﴿٣٣﴾ ع
اَلرِّجَالُ قَوّٰمُوْنَ عَلَى النِّسَآءِ بِمَا فَضَّلَ اللّٰهُ بَعْضَهُمْ عَلٰى
بَعْضٍ وَّبِمَاۤ اَنْفَقُوْا مِنْ اَمْوَالِهِمْ ؕ فَالصّٰلِحٰتُ قٰنِتٰتٌ حٰفِظٰتٌ
لِّلْغَيْبِ بِمَا حَفِظَ اللّٰهُ ؕ وَالّٰتِيْ تَخَافُوْنَ نُشُوْزَهُنَّ فَعِظُوْهُنَّ
وَاهْجُرُوْهُنَّ فِي الْمَضَاجِعِ وَاضْرِبُوْهُنَّ ۚ فَاِنْ اَطَعْنَكُمْ
فَلَا تَبْغُوْا عَلَيْهِنَّ سَبِيْلًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيًّا كَبِيْرًا ﴿٣٤﴾

اي ايمان وارؤ! اوهين پاڻ ۾ هڪ ٻئي جو مال ناحق نہ کائو پر پاڻ ۾ رضامنديءَ سان واپار جي ڏيتي ليتي هجي تہ (ڀلي کائو)، ۽ اوهان پاڻ کي هلاڪ نہ ڪريو۔ بيشڪ الله اوهان تي مهربان آهي (٢٩). ۽ جيڪو حد کان ٻاهر نڪرڻ ۽ ظلم سان ائين ڪندو تنهن کي باه ۾ سگهو وجهنداسين۔ ۽ اهو (ڪم) الله تي سهنجو آهي (٣٠). جيڪڏهن وڏن گناهن کان جن کان اوهان کي جهليو ويو پاسو ڪندا رهندؤ تہ اوهان جون (هلڪيون) مدايون اوهان کان ميٽينداسين ۽ اوهان کي عزت واريءَ جاءِ ۾ داخل ڪنداسين (٣١). ۽ جن شين سان الله اوهان مان هڪڙن کي ٻين کان فضيلت ڏني آهي تن جي ريس نہ ڪريو۔ مردن لاءِ جيترو (پاڻ) ڪمايائون تنهن مان حصو آهي ۽ زائفن لاءِ جيترو پاڻ ڪمايائون تنهن مان حصو آهي ۽ الله کان سندس فضل گهرو ڇو تہ الله سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي (٣٢). ۽ ماءُ پيءُ ۽ مائٽن جيڪي (مال) ڇڏيو تنهن (سڀ) لاءِ وارث مقرر ڪياسون۔ ۽ جن کي (مائٽيءَ جهڙي ناتي ۾) اوهان جي قسمن ٻڌو آهي تن کي سندن حصو ڏيو۔ بيشڪ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي واقف آهي (٣٣). مرد زائفن تي انهيءَ سببان حڪمران آهن جو الله انهن مان هڪڙن کي ٻين کان ڀلو ڪيو آهي ۽ (ٻيو) هن سببان جو پنهنجن مالن مان خرچ ڪندا آهن۔ پوءِ ڀلاريون فرمانبردارٽيون، پريٺ نگاه رکڻ واريون انهيءَ ڪري جو الله (کين) ڍڪيو آهي (ڀلاريون آهن)۔ ۽ جن (زالن) جي بي فرماني معلوم ڪريو تن کي (زباني) نصيحت ڪريو ۽ بسترن ۾ کين ڌار ڪريو ۽ مار ڏيون، پوءِ جيڪڏهن اوهان جي فرمانبرداري ڪن تہ متن ڪا (ايذاءَ جي) واٽ نہ ڳوليو۔ بيشڪ الله مٿاهون وڏي وڏائي وارو آهي (٣۴).

وَاِنۡ خِفۡتُمۡ شِقَاقَ بَيۡنِهِمَا فَابۡعَثُوۡا حَكَمًا مِّنۡ اَهۡلِهٖ
وَحَكَمًا مِّنۡ اَهۡلِهَا ۚ اِنۡ يُّرِيۡدَاۤ اِصۡلَاحًا يُّوَفِّقِ اللّٰهُ بَيۡنَهُمَا ؕ
اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيۡمًا خَبِيۡرًا ﴿۳۵﴾ وَاعۡبُدُوا اللّٰهَ وَلَا تُشۡرِكُوۡا
بِهٖ شَيۡـئًا وَّبِالۡوَالِدَيۡنِ اِحۡسَانًا وَّبِذِى الۡقُرۡبٰى وَالۡيَتٰمٰى وَ
الۡمَسٰكِيۡنِ وَالۡجَارِ ذِى الۡقُرۡبٰى وَالۡجَارِ الۡجُـنُبِ وَالصَّاحِبِ
بِالۡجَـنۡۢبِ وَابۡنِ السَّبِيۡلِ ۙ وَمَا مَلَكَتۡ اَيۡمَانُكُمۡ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا
يُحِبُّ مَنۡ كَانَ مُخۡتَالًا فَخُوۡرَا ۙ ﴿۳۶﴾ اۨلَّذِيۡنَ يَبۡخَلُوۡنَ وَيَاۡمُرُوۡنَ
النَّاسَ بِالۡبُخۡلِ وَيَكۡتُمُوۡنَ مَاۤ اٰتٰٮهُمُ اللّٰهُ مِنۡ فَضۡلِهٖ ؕ وَ
اَعۡتَدۡنَا لِلۡكٰفِرِيۡنَ عَذَابًا مُّهِيۡنًا ۚ ﴿۳۷﴾ وَالَّذِيۡنَ يُنۡفِقُوۡنَ
اَمۡوَالَهُمۡ رِئَآءَ النَّاسِ وَلَا يُؤۡمِنُوۡنَ بِاللّٰهِ وَلَا بِالۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ ؕ
وَمَنۡ يَّكُنِ الشَّيۡطٰنُ لَهٗ قَرِيۡنًا فَسَآءَ قَرِيۡنًا ﴿۳۸﴾ وَمَاذَا
عَلَيۡهِمۡ لَوۡ اٰمَنُوۡا بِاللّٰهِ وَالۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ وَاَنۡفَقُوۡا مِمَّا رَزَقَهُمُ اللّٰهُ ؕ
وَكَانَ اللّٰهُ بِهِمۡ عَلِيۡمًا ﴿۳۹﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَظۡلِمُ مِثۡقَالَ ذَرَّةٍ ۚ وَاِنۡ تَكُ
حَسَنَةً يُّضٰعِفۡهَا وَيُؤۡتِ مِنۡ لَّدُنۡهُ اَجۡرًا عَظِيۡمًا ﴿۴۰﴾ فَكَيۡفَ
اِذَا جِئۡنَا مِنۡ كُلِّ اُمَّةٍۢ بِشَهِيۡدٍ وَّجِئۡنَا بِكَ عَلٰى هٰٓؤُلَۤاءِ شَهِيۡدًا ؕؔ ﴿۴۱﴾

۽ جيڪڏهن سندن وچ ۾ ڦيٽي جو ڊپ (محسوس) ڪريو ته هن جي گهراڻي مان هڪ امين ۽ هن جي گهراڻي مان (به) هڪ امين مقرر ڪريو، جيڪڏهن ٻئي (امين) صلح ڪرائڻ گهرندا ته الله سندن وچ ۾ ميلاپ ڏيندو. ڇو ته الله ڄاڻندڙ خبر رکندڙ آهي (٣٥). ۽ (خاص) الله جي عبادت ڪريو ۽ ساڻس ڪنهن شيءِ کي شريڪ نه ڪريو. ۽ ماءُ پيءُ سان ۽ مٽيءَ وارن سان ۽ ڇورن (يارن) ۽ مسڪينن ۽ مٽيءَ واري پاڙيچي ۽ ڌاريي پاڙيچي ۽ ويجهي سنگتي ۽ مسافر ۽ پنهنجن ٻانهن سان چڱائي ڪريو. ڇو ته جيڪو هٺيلو وڏائي ڪندڙ هجي تنهن کي الله دوست نه رکندو آهي (٣٦). (۽ نڪي اُنهن کي) جيڪي (پاڻ) ڪنجوسي ڪندا آهن ۽ ماڻهن کي (به) ڪنجوسي ڪرڻ جو حڪم ڪندا آهن ۽ الله پنهنجي فضل سان کين جيڪي ڏنو آهي سو لڪائيندا آهن. ۽ (اهڙن) نه مڃيندڙن لاءِ خواريءَ وارو عذاب تيار ڪيو اٿئون (٣٧). ۽ (اُنهن لاءِ به) جيڪي پنهنجن مالن کي ماڻهن جي ڏيکاري لاءِ خرچ ڪندا آهن. ۽ نڪي الله ۽ نڪي قيامت جي ڏينهن کي مڃيندا آهن، ۽ جنهن جو سنگتي شيطان ٿيو ته اهو سنگتي بڇڙو آهي (٣٨). ۽ مٿن ڪهڙي (ڏکيائي) هئي؟ جيڪڏهن الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃين ها ۽ الله جيڪي کين ڏنو آهي ان مان خرچين ها. ۽ الله اُنهن (جي حال) کي (چڱو) ڄاڻندڙ آهي (٣٩). پڪ الله ذري جيترو به ظلم نه ڪندو آهي، ۽ جيڪڏهن (ڪا) نيڪي هوندي ته ان کي ٻيڻو ڪندو آهي ۽ پاڻ وٽان وڏو اجر ڏيندو آهي (٤٠). پوءِ (تڏهن) ڪيئن (ڪندا) جڏهن سڀ ڪنهن ٽوليءَ مان (هڪ) شاهد آڻينداسون ۽ (اي پيغمبر!) توکي (به) هن ٽوليءَ تي شاهد ڪري آڻينداسون (٤١).

يَوْمَئِذٍ يَّوَدُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَعَصَوُا الرَّسُوْلَ لَوْ تُسَوّٰى
بِهِمُ الْاَرْضُ ؕ وَلَا يَكْتُمُوْنَ اللّٰهَ حَدِيْثًا ۧ ﴿۴۲﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ
اٰمَنُوْا لَا تَقْرَبُوا الصَّلٰوةَ وَاَنْتُمْ سُكٰرٰى حَتّٰى تَعْلَمُوْا
مَا تَقُوْلُوْنَ وَلَا جُنُبًا اِلَّا عَابِرِىْ سَبِيْلٍ حَتّٰى تَغْتَسِلُوْا ؕ
وَاِنْ كُنْتُمْ مَّرْضٰۤى اَوْ عَلٰى سَفَرٍ اَوْ جَآءَ اَحَدٌ مِّنْكُمْ مِّنَ
الْغَآئِطِ اَوْ لٰمَسْتُمُ النِّسَآءَ فَلَمْ تَجِدُوْا مَآءً فَتَيَمَّمُوْا
صَعِيْدًا طَيِّبًا فَامْسَحُوْا بِوُجُوْهِكُمْ وَاَيْدِيْكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ
عَفُوًّا غَفُوْرًا ﴿۴۳﴾ اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ اُوْتُوْا نَصِيْبًا مِّنَ الْكِتٰبِ
يَشْتَرُوْنَ الضَّلٰلَةَ وَيُرِيْدُوْنَ اَنْ تَضِلُّوا السَّبِيْلَ ؕ ﴿۴۴﴾ وَاللّٰهُ
اَعْلَمُ بِاَعْدَآئِكُمْ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَلِيًّا ۙ وَّكَفٰى بِاللّٰهِ نَصِيْرًا ﴿۴۵﴾
مِنَ الَّذِيْنَ هَادُوْا يُحَرِّفُوْنَ الْكَلِمَ عَنْ مَّوَاضِعِهٖ وَ
يَقُوْلُوْنَ سَمِعْنَا وَعَصَيْنَا وَاسْمَعْ غَيْرَ مُسْمَعٍ وَّرَاعِنَا
لَيًّا بِاَلْسِنَتِهِمْ وَطَعْنًا فِى الدِّيْنِ ؕ وَلَوْ اَنَّهُمْ قَالُوْا سَمِعْنَا
وَاَطَعْنَا وَاسْمَعْ وَانْظُرْنَا لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ وَاَقْوَمَ ۙ وَ
لٰكِنْ لَّعَنَهُمُ اللّٰهُ بِكُفْرِهِمْ فَلَا يُؤْمِنُوْنَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿۴۶﴾

اُنهيءَ ڏينهن ڪافر ۽ جن پيغمبر جو چيو نہ مڃيو، سي گهرندا تہ جيڪر مٿن زمين سنئين ڪئي وڃي- ۽ الله کان ڪائي ڳالھ لڪائي نہ سگهندا (۴۲). اي ايمان وارؤ! اوهان نشي جي حالت ۾ ايستائين نماز کي ويجها نہ وڃو جيستائين جيڪي ڳالهايو تا سو سمجهو ۽ نڪي مسافرن کان سواءِ، (مقيم) تڙ وارو (نماز پڙهي) جيسين تڙ ڪريو- ۽ جيڪڏهن اوهين بيمار هجو يا مسافريءَ تي هجو يا اوهان مان ڪوئي پاخاني کان اچي يا زالن کي ويجها ويا هجو ۽ پاڻي نہ لهو تہ پاڪ مٽيءَ سان تيمم ڪريو پوءِ پنهنجن منهن ۽ پنهنجن هٿن کي مک ڪريو بيشڪ الله معافي ڏيندڙ بخشڻهار آهي (۴۳). (اي پيغمبر!) اُنهن ڏانهن نہ ڏٺو اٿيئي ڇا؟ جن کي ڪتاب مان حصو ڏنو ويو آهي اُهي گمراهي ڳنهندا آهن ۽ اوهان جو واٽ کان ڀلڻ (بہ) گهرندا آهن (۴۴). ۽ الله اوهان جي ويرين کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ۽ الله (سيني ڪمن جو) ڪارساز بس آهي ۽ الله مددگار بس آهي (۴۵). يهودين مان ڪي (توريت ۾) لفظن کي سندين جاين کان ڦيرائيندا آهن ۽ چوندا آهن تہ ٻڌوسون ۽ نہ مڃيوسون، ٻڌ شال نہ ٻڌايل هجين ۽پنهنجيون زبانون وچڙائي* ۽ دين ۾ طعني هڻڻ لاءِ راعنا چوندا آهن- ۽ جيڪڏهن (سمعنا وعصينا جي بجاءِ) سمعنا واطعنا (يعني ٻڌوسون ۽ فرمانبرداري ڪئي سون) ۽ (اسمع غير مسمع جي هنڌ) اسمع (يعني ٻڌ) ۽ (راعنا لفظ جي بجاءِ لفظ) انظرنا (يعني اسان جو خيال رک) چون ها تہ اُنهن لاءِ ڀلو ۽ ڏاڍو درست هجي ها پر الله سندن ڪفر سببان مٿن لعنت ڪئي آهي پوءِ ٿورڙن کان سواءِ (ٻيا) ايمان نٿا آڻين (۴٦).

* زبان وچڙائڻ کان مراد هيءَ آهي تہ پنهنجي ڳالهائڻ ۾ گارگند اٿين رلائي ملائي ڇڏين تا جو ڪو بہ ماڻهو سمجهي نہ سگهي، "اسمع غير مسمع" جون ٻہ معنائون آهن: ١- اهڙيءَ حالت ۾ ٻڌ جون تون عزت ۽ عظمت وارن مان آهين، ڪو بہ ماڻهو تنهنجي مرضيءَ جي ابتڙ ڪجھ بہ چئي نہ سگهندو. ٢- اهڙيءَ حالت ۾ ٻڌ جو تون حقير ۽ ڪمزور آهين ۽ تو سان ڪو بہ ڳالھ ٻولھ نہ ٿو ڪري سگهي. اهڙيءَ ريت لفظ "راعنا" جون بہ ٻہ معنائون آهن: ١- اسان جي رعايت ڪر. ٢- احمق ۽ بيوقوف. اهڙن ٻنهي اکرن ڳالهائڻ مان سندن مقصد گارگند اچارڻ هو والله اعلم (ڏسو تفسير فتح الرحمان).

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ اٰمِنُوْا بِمَا نَزَّلْنَا مُصَدِّقًا لِّمَا
مَعَكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ نَّطْمِسَ وُجُوْهًا فَنَرُدَّهَا عَلٰۤى اَدْبَارِهَاۤ
اَوْ نَلْعَنَهُمْ كَمَا لَعَنَّاۤ اَصْحٰبَ السَّبْتِؕ وَكَانَ اَمْرُ اللّٰهِ مَفْعُوْلًا ﴿۴۷﴾
اِنَّ اللّٰهَ لَا يَغْفِرُ اَنْ يُّشْرَكَ بِهٖ وَيَغْفِرُ مَا دُوْنَ ذٰلِكَ لِمَنْ
يَّشَآءُ ۚ وَمَنْ يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ فَقَدِ افْتَرٰۤى اِثْمًا عَظِيْمًا ﴿۴۸﴾
اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ يُزَكُّوْنَ اَنْفُسَهُمْ ؕ بَلِ اللّٰهُ يُزَكِّيْ مَنْ
يَّشَآءُ وَلَا يُظْلَمُوْنَ فَتِيْلًا ﴿۴۹﴾ اُنْظُرْ كَيْفَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى
اللّٰهِ الْكَذِبَ ؕ وَكَفٰى بِهٖۤ اِثْمًا مُّبِيْنًا ﴿۵۰﴾ ع اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ
اُوْتُوْا نَصِيْبًا مِّنَ الْكِتٰبِ يُؤْمِنُوْنَ بِالْجِبْتِ وَالطَّاغُوْتِ
وَيَقُوْلُوْنَ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا هٰۤؤُلَآءِ اَهْدٰى مِنَ الَّذِيْنَ
اٰمَنُوْا سَبِيْلًا ﴿۵۱﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ ؕ وَمَنْ يَّلْعَنِ
اللّٰهُ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ نَصِيْرًا ﴿۵۲﴾ؕ اَمْ لَهُمْ نَصِيْبٌ مِّنَ الْمُلْكِ
فَاِذًا لَّا يُؤْتُوْنَ النَّاسَ نَقِيْرًا ﴿۵۳﴾لا اَمْ يَحْسُدُوْنَ النَّاسَ
عَلٰى مَاۤ اٰتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ۚ فَقَدْ اٰتَيْنَاۤ اٰلَ
اِبْرٰهِيْمَ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَاٰتَيْنٰهُمْ مُّلْكًا عَظِيْمًا ﴿۵۴﴾

اي ڪتاب وارؤ! جيڪو (قرآن) لاٿوسون جيڪي اوهان وٽ آهي تنهن
جو (اُهو) سچو ڪندڙ (بہ) آهي تنهن کي اُنهيءَ کان اڳ ميجيو جو (ماڻهن
جي) منهن (جي شڪل) مٽايون پوءِ انهن کي سندين پٺين پوئتان ڪريون
يا مٿن اهڙي لعنت ڪريون جهڙي ڇنڇر وارن تي لعنت ڪئي سون ۽ الله
جو (جيڪو) حڪم (جاري ٿيندو آهي) سو ٿي چڪندو آهي (۴۷).
بيشڪ الله هيءُ (ڏوھ) نہ بخشيندو جو (ڪنهن کي بہ) ساڻس شريڪ
ڪيو وڃي ۽ ان کان سواءِ (ٻيا ڏوھ) جنهن کي وڻيس تنهنکي بخشيندو، ۽
جيڪو الله سان (ڪنهن کي) شريڪ ٺھرائيندو تنهن بيشڪ وڏي گناہ سان
بهتان ٻڌو (۴۸). (اي پيغمبر!) اُنهن ڏانهن نہ ڏٺو اٿيئي ڇا؟ جيڪي پاڻ
کي پاڻ پاڪ چوندا آهن- (نہ!) بلڪ الله جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي
پاڪ ڪندو آهي ۽ تند جيترو بہ ظلم نہ ڪبن (۴۹). (اي پيغمبر!) ڏس تہ
الله تي ڪيئن ڪوڙ ٺاهيندا آهن؟ ۽ اِهو پڌرو گناہ بس آهي (۵۰). (اي
پيغمبر!) اُنهن ڏانهن نہ ڏٺو اٿيئي ڇا؟ جن کي ڪتاب مان ڀاڱو ڏنو ويو
تہ اُهي بتن ۽ طاغوت کي مڃيندا آهن ۽ ڪافرن لاءِ چوندا آهن تہ هيءَ
ٽولي مؤمنن کان وڌيڪ سنئين واٽ واري آهي (۵۱). اِهي (اُهي) آهن جن
تي الله لعنت ڪئي آهي- ۽ جنهن تي الله لعنت ڪندو تنهن جو ڪو
مددگار نہ لهندين (۵۲). اُنهن کي بادشاهيءَ مان ڪو ڀاڱو آهي ڇا؟ ۽
(جي ڪين ڪٿي هجي بہ تہ) اُن مهل ماڻهن کي تر جيترو (بہ) نہ ڏين (۵۳).
بلڪ ماڻهن سان اُنهيءَ تي حسد ڪندا آهن جيڪي الله پنهنجي فضل
سان کين ڏنو آهي، پوءِ بيشڪ ابراهيم جي اولاد کي ڪتاب ۽ دانائي ڏني
سون ۽ کين وڏي بادشاهي ڏني سون (۵۴).

فَمِنْهُمْ مَّنْ اٰمَنَ بِهٖ وَمِنْهُمْ مَّنْ صَدَّ عَنْهُ ؕ وَكَفٰى بِجَهَنَّمَ
سَعِيْرًا ﴿٥٥﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِنَا سَوْفَ نُصْلِيْهِمْ نَارًا ؕ كُلَّمَا
نَضِجَتْ جُلُوْدُهُمْ بَدَّلْنٰهُمْ جُلُوْدًا غَيْرَهَا لِيَذُوْقُوا الْعَذَابَ ؕ
اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ﴿٥٦﴾ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ
سَنُدْخِلُهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ
لَهُمْ فِيْهَآ اَزْوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ ۫ وَّنُدْخِلُهُمْ ظِلًّا ظَلِيْلًا ﴿٥٧﴾ اِنَّ اللّٰهَ
يَاْمُرُكُمْ اَنْ تُؤَدُّوا الْاَمٰنٰتِ اِلٰٓى اَهْلِهَا ۙ وَاِذَا حَكَمْتُمْ بَيْنَ النَّاسِ
اَنْ تَحْكُمُوْا بِالْعَدْلِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ نِعِمَّا يَعِظُكُمْ بِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ
سَمِيْعًا بَصِيْرًا ﴿٥٨﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا
الرَّسُوْلَ وَاُولِى الْاَمْرِ مِنْكُمْ ۚ فَاِنْ تَنَازَعْتُمْ فِيْ شَيْءٍ فَرُدُّوْهُ
اِلَى اللّٰهِ وَالرَّسُوْلِ اِنْ كُنْتُمْ تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ
ذٰلِكَ خَيْرٌ وَّاَحْسَنُ تَاْوِيْلًا ﴿٥٩﴾ اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ يَزْعُمُوْنَ
اَنَّهُمْ اٰمَنُوْا بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ وَمَآ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلِكَ يُرِيْدُوْنَ
اَنْ يَّتَحَاكَمُوْٓا اِلَى الطَّاغُوْتِ وَقَدْ اُمِرُوْٓا اَنْ يَّكْفُرُوْا
بِهٖ ؕ وَيُرِيْدُ الشَّيْطٰنُ اَنْ يُّضِلَّهُمْ ضَلٰلًا ۢ بَعِيْدًا ﴿٦٠﴾

پوءِ منجهانئن کي آهن جن اُن (ڪتاب) کي مڃيو ۽ منجهانئن ڪي آهن جي ڪانئس اٽڪي (رڪجي) رهيا- ۽ اُنهن لاءِ ٻرندڙ دوزخ ڪافي آهي (٥٥). پڪ جن اسان جي آيتن کي نہ مڃيو تن کي باھ ۾ سگهو گهيڙيندا سون- جڏهن بہ سندن کلون پچنديون (تڏهن) سندين ٻيون کلون هن لاءِ (پيا) مٽائينداسون تہ (ٻلي) عذاب (جو مزو) چکن- يقيناً الله غالب حڪمت وارو آهي (٥٦). ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي (اُنهن) باغن ۾ سگهو داخل ڪنداسون جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن- منجهن سدائين رهڻ وارا آهن- اُنهن لاءِ منجهن پاڪ زالون آهن ۽ کين گهاٽين ڇانون ۾ داخل ڪنداسون (٥٧). بيشڪ الله اوهان کي حڪم ٿو ڪري تہ امانتون سندن مالڪن کي پهچائي ڏيو ۽ جڏهن ماڻهن جي وچ ۾ فيصلو ڪريو (تڏهن) انصاف سان حڪم ڪريو- بيشڪ الله اوهان کي جيڪا نصيحت ڪري ٿو سا چڱي آهي- بيشڪ الله ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي (٥٨). اي ايمان وارؤ! الله جي فرمانبرداري ڪريو ۽ پيغمبر جي فرمانبرداري ڪريو ۽ اوهان مان جيڪو حاڪم هجي تنهن جي (بہ)، پوءِ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ بابت جهڳڙو ڪريو تہ جيڪڏهن الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندا آهيو تہ اُن کي الله ۽ پيغمبر (جي حڪم) ڏانهن رجوع ڪريو. اِهو ڀلو ۽ نتيجي جي ڪري ڏاڍو چڱو آهي (٥٩).(اي پيغمبر!) اُنهن ڏانهن نہ ڏٺو اٿيئي ڇا؟ جيڪي ڀانئيندا آهن تہ جيڪي توڏانهن لاٿو ويو ۽ جيڪي توکان اڳ لاٿو ويو تنهن کي پاڻ مڃيو اٿن. اُهي هن هوندي بہ، طاغوت (يعني غير خدا) ڏانهن (مقدمو نيئي) فيصلو ڪرائڻ گهرندا آهن حالانڪ اُن جي نہ مڃڻ جو حڪم ڪيو ويو اٿن- ۽ شيطان کين وڏي ڀل ۾ ڀلائڻ گهرندو آهي (٦٠).

وَاِذَا قِيۡلَ لَهُمۡ تَعَالَوۡا اِلٰى مَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ وَاِلَى الرَّسُوۡلِ
رَاَيۡتَ الۡمُنٰفِقِيۡنَ يَصُدُّوۡنَ عَنۡكَ صُدُوۡدًا ۚ﴿۶۱﴾ فَكَيۡفَ اِذَاۤ
اَصَابَتۡهُمۡ مُّصِيۡبَةٌ ۢ بِمَا قَدَّمَتۡ اَيۡدِيۡهِمۡ ثُمَّ جَآءُوۡكَ
يَحۡلِفُوۡنَ ۖ بِاللّٰهِ اِنۡ اَرَدۡنَاۤ اِلَّاۤ اِحۡسَانًا وَّتَوۡفِيۡقًا ﴿۶۲﴾ اُولٰٓئِكَ
الَّذِيۡنَ يَعۡلَمُ اللّٰهُ مَا فِىۡ قُلُوۡبِهِمۡ ۗ فَاَعۡرِضۡ عَنۡهُمۡ وَعِظۡهُمۡ
وَقُلۡ لَّهُمۡ فِىۡۤ اَنۡفُسِهِمۡ قَوۡلًاۢ بَلِيۡغًا ﴿۶۳﴾ وَمَاۤ اَرۡسَلۡنَا مِنۡ
رَّسُوۡلٍ اِلَّا لِيُطَاعَ بِاِذۡنِ اللّٰهِ ؕ وَلَوۡ اَنَّهُمۡ اِذۡ ظَّلَمُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ
جَآءُوۡكَ فَاسۡتَغۡفَرُوا اللّٰهَ وَاسۡتَغۡفَرَ لَهُمُ الرَّسُوۡلُ
لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيۡمًا ﴿۶۴﴾ فَلَا وَرَبِّكَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ
حَتّٰى يُحَكِّمُوۡكَ فِيۡمَا شَجَرَ بَيۡنَهُمۡ ثُمَّ لَا يَجِدُوۡا فِىۡۤ اَنۡفُسِهِمۡ
حَرَجًا مِّمَّا قَضَيۡتَ وَيُسَلِّمُوۡا تَسۡلِيۡمًا ﴿۶۵﴾ وَلَوۡ اَنَّا كَتَبۡنَا
عَلَيۡهِمۡ اَنِ اقۡتُلُوۡۤا اَنۡفُسَكُمۡ اَوِ اخۡرُجُوۡا مِنۡ دِيَارِكُمۡ مَّا
فَعَلُوۡهُ اِلَّا قَلِيۡلٌ مِّنۡهُمۡ ؕ وَلَوۡ اَنَّهُمۡ فَعَلُوۡا مَا يُوۡعَظُوۡنَ
بِهٖ لَكَانَ خَيۡرًا لَّهُمۡ وَاَشَدَّ تَثۡبِيۡتًا ۙ﴿۶۶﴾ وَّاِذًا لَّاٰتَيۡنٰهُمۡ مِّنۡ
لَّدُنَّاۤ اَجۡرًا عَظِيۡمًا ۙ﴿۶۷﴾ وَّلَهَدَيۡنٰهُمۡ صِرَاطًا مُّسۡتَقِيۡمًا ﴿۶۸﴾

۽ جڏهن کين چئجي ته جيڪي الله لاٿو تنهن ڏانهن ۽ پيغمبر ڏانهن اچو ته منافقن کي ڏٺئي ته توکان پوري طرح جهلجي ويندا آهن (٦١). پوءِ (تڏهن) ڪيئن (ڪندا) جڏهن کين ڪا تڪليف اِنهيءَ سببان پهچندي جو سندن هٿن اڳي موڪليو آهي پوءِ وري تو وٽ اچي الله جو قسم کڻندا ته اسان جو چڱائي ۽ ٺهراءُ کان سواءِ (ٻيو) ڪو ارادو نه هو (٦٢). اِهي (اُهي) آهن جن جي دلين ۾ جيڪي (ڪفر ۽ نفاق) آهي سو الله ڄاڻندو آهي (جو وقت تي سزا لوڙيندا) پوءِ کانئن منهن موڙ ۽ کين نصيحت ڪر ۽ کين سندين دلين ۾ پهچندڙ ڳالھ چؤ (٦٣). ڪوئي پيغمبر نه موڪليوسون پر هن لاءِ ته الله جي حڪم سان سندس تابعداري ڪئي وڃي. ۽ جڏهن اُنهن (ماڻهن) پاڻ تي ظلم ڪيو تڏهن جيڪڏهن تو وٽ اچن ها پوءِ الله کان بخشش گهرن ها ۽ پيغمبر اُنهن لاءِ بخشش گهري ها ته الله کي ٻاجھ سان موٽندڙ مهربان لهن ها (٦۴). پوءِ تنهنجي پالڻهار جو قسم آهي ته (اِهي ماڻهو ايستائين) مسلمان نه آهن جيستائين اُنهيءَ معاملي ۾ جو سندن وچ ۾ پيو آهي توکان فيصلو ڪرائن پوءِ (تون) جيڪو نبيرو ڪرين تنهن کان پنهنجين دلين ۾ ڪا اُڙ ڪُڙ نه ڏسن ۽ (پوري) ميڻ طرح مڃين (٦٥). ۽ جيڪڏهن اسين مٿن لازم ڪريون ها ته اوهين پاڻ کي ڪهو يا پنهنجن ديسن مان نڪرو ته منجهائن ٿورڙن کان سواءِ (ٻيا) اُهو نه ڪن ها. ۽ جيڪا نصيحت ڪئي وين تنهن موجب جيڪڏهن اُهي ڪم ڪن ها ته اُنهن لاءِ ضرور ڀلو ۽ (ايمان کي) زياده پڪي ڪرڻ وارو هجي ها (٦٦). ۽ اُنهيءَ وقت پاڻ وٽان کين وڏو اجر ضرور ڏيون ها (٦٧). ۽ ضرور کين سڌي واٽ وٺايون ها (٦٨).

وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَالرَّسُوْلَ فَاُولٰٓئِكَ مَعَ الَّذِيْنَ اَنْعَمَ
اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنَ النَّبِيّٖنَ وَالصِّدِّيْقِيْنَ وَالشُّهَدَآءِ وَالصّٰلِحِيْنَ ۚ
وَحَسُنَ اُولٰٓئِكَ رَفِيْقًا ﴿٦٩﴾ ذٰلِكَ الْفَضْلُ مِنَ اللّٰهِ ؕ وَكَفٰى
بِاللّٰهِ عَلِيْمًا ﴿٧٠﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا خُذُوْا حِذْرَكُمْ فَانْفِرُوْا
ثُبَاتٍ اَوِ انْفِرُوْا جَمِيْعًا ﴿٧١﴾ وَاِنَّ مِنْكُمْ لَمَنْ لَّيُبَطِّئَنَّ ۚ فَاِنْ
اَصَابَتْكُمْ مُّصِيْبَةٌ قَالَ قَدْ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيَّ اِذْ لَمْ اَكُنْ مَّعَهُمْ
شَهِيْدًا ﴿٧٢﴾ وَلَئِنْ اَصَابَكُمْ فَضْلٌ مِّنَ اللّٰهِ لَيَقُوْلَنَّ كَاَنْ لَّمْ
تَكُنْ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهٗ مَوَدَّةٌ يّٰلَيْتَنِيْ كُنْتُ مَعَهُمْ فَاَفُوْزَ
فَوْزًا عَظِيْمًا ﴿٧٣﴾ فَلْيُقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ الَّذِيْنَ يَشْرُوْنَ
الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا بِالْاٰخِرَةِ ؕ وَمَنْ يُّقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ
فَيُقْتَلْ اَوْ يَغْلِبْ فَسَوْفَ نُؤْتِيْهِ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٧٤﴾ وَمَا لَكُمْ
لَا تُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَالْمُسْتَضْعَفِيْنَ مِنَ الرِّجَالِ
وَالنِّسَآءِ وَالْوِلْدَانِ الَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اَخْرِجْنَا
مِنْ هٰذِهِ الْقَرْيَةِ الظَّالِمِ اَهْلُهَا ۚ وَاجْعَلْ لَّنَا مِنْ
لَّدُنْكَ وَلِيًّا ۚۙ وَّاجْعَلْ لَّنَا مِنْ لَّدُنْكَ نَصِيْرًا ؕ ﴿٧٥﴾

۽ جيڪي الله ۽ پيغمبر جي تابعداري ڪندا سي اُنهن سان گڏ رهندڙ آهن جن تي الله فضل ڪيو آهي (يعني) پيغمبر ۽ صديق ۽ شهيد ۽ صالح ۽ اهي چڱا سنگتي آهن (٦٩). اهو فضل الله جي طرفان آهي- ۽ الله ڄاڻندڙ بس آهي (٧٠). اي ايمان وارؤ! پنهنجي بچاءُ جو سامان وٺو پوءِ (جهاد لاءِ) ٽولا ٽولا ٿي نڪرو يا گڏجي نڪرو (٧١). ۽ بيشڪ اوهان مان ڪو (اهڙو) آهي جو (ڄاڻي واڻي) دير ڪندو آهي، پوءِ جيڪڏهن اوهان کي ڪا تڪليف پهچندي اهي ته چوندو آهي ته بيشڪ الله مون تي احسان ڪيو جو (آءٌ) ساڻن حاضر نه هيس (٧٢). ۽ جيڪڏهن الله (جي پار) کان ڪو فضل اوهان کي پهچي ته (اُنهيءَ وانگر جو) ڄڻ ته اوهان جي ۽ سندس وچ ۾ دوستي نه هئي ضرور چوندو آهي ته مون کي اُرمان آهي جيڪر ساڻن هجان ها ته وڏي مراد ماڻيان ها (٧٣). پوءِ اُنهن (مؤمنن) کي جڳائي ته الله جي واٽ ۾ وڙهن جيڪي دنيا جي حياتيءَ کي آخرت سان وڪڻندا آهن- ۽ جيڪو الله جي واٽ ۾ وڙهندو پوءِ ماريو ويو يا غالب ٿيو تنهن کي سگهو ئي وڏو اجر ڏينداسون (٧۴). ۽ (اي مسلمانؤ!) اوهان کي ڇا (ٿيو) آهي؟ جو الله جي واٽ ۾ نه ٿا وڙهو حالانڪ هيڻن مردن ۽عورتن ۽ ٻارن مان اهي آهن جي چون ٿا ته اي اسان جا پالڻهار! هن شهر مان جنهن جا رهاڪو ظالم آهن اسان کي (ٻاهر) ڪڍ، ۽ پاڻ وٽان اسان جو(ڪو) سنڀاليندڙ ڪر ۽ پاڻ وٽان اسان جو ڪو مددگار ڪر! (٧٥).

اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۚ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا
يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ الطَّاغُوْتِ فَقَاتِلُوْٓا اَوْلِيَآءَ الشَّيْطٰنِ ۚ
اِنَّ كَيْدَ الشَّيْطٰنِ كَانَ ضَعِيْفًا ﴿٧٦﴾ اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ قِيْلَ
لَهُمْ كُفُّوْٓا اَيْدِيَكُمْ وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ ۚ فَلَمَّا كُتِبَ
عَلَيْهِمُ الْقِتَالُ اِذَا فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ يَخْشَوْنَ النَّاسَ كَخَشْيَةِ
اللّٰهِ اَوْ اَشَدَّ خَشْيَةً ۚ وَقَالُوْا رَبَّنَا لِمَ كَتَبْتَ عَلَيْنَا الْقِتَالَ ۚ لَوْ
لَآ اَخَّرْتَنَآ اِلٰٓى اَجَلٍ قَرِيْبٍ ؕ قُلْ مَتَاعُ الدُّنْيَا قَلِيْلٌ ۚ وَالْاٰخِرَةُ
خَيْرٌ لِّمَنِ اتَّقٰى ۫ وَلَا تُظْلَمُوْنَ فَتِيْلًا ﴿٧٧﴾ اَيْنَ مَا تَكُوْنُوْا
يُدْرِكْكُّمُ الْمَوْتُ وَلَوْ كُنْتُمْ فِيْ بُرُوْجٍ مُّشَيَّدَةٍ ؕ وَاِنْ تُصِبْهُمْ
حَسَنَةٌ يَّقُوْلُوْا هٰذِهٖ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۚ وَاِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌ
يَّقُوْلُوْا هٰذِهٖ مِنْ عِنْدِكَ ؕ قُلْ كُلٌّ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ فَمَالِ
هٰٓؤُلَآءِ الْقَوْمِ لَا يَكَادُوْنَ يَفْقَهُوْنَ حَدِيْثًا ﴿٧٨﴾ مَآ اَصَابَكَ مِنْ
حَسَنَةٍ فَمِنَ اللّٰهِ ۫ وَمَآ اَصَابَكَ مِنْ سَيِّئَةٍ فَمِنْ نَّفْسِكَ ؕ وَاَرْسَلْنٰكَ
لِلنَّاسِ رَسُوْلًا ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا ﴿٧٩﴾ مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ
فَقَدْ اَطَاعَ اللّٰهَ ۚ وَمَنْ تَوَلّٰى فَمَآ اَرْسَلْنٰكَ عَلَيْهِمْ حَفِيْظًا ﴿٨٠﴾ ؕ

جيڪي مؤمن آهن سي الله جي واٽ ۾ وڙهندا آهن، ۽ جيڪي ڪافر آهن سي طاغوت جي واٽ ۾ وڙهندا آهن تنهن ڪري شيطان جي ساٿين کي ماريو، بيشڪ شيطان جي ٺڳي ڪمزور آهي (٧٦). (اي پيغمبر!) اُنهن ڏانهن نه ڏٺو اٿيئي ڇا؟ جن کي چيو ويو ته پنهنجن هٿن کي (ويڙهه کان) جهليو ۽ نماز پڙهو ۽ زڪواة ڏيو، پوءِ جنهن مهل مٿن ويڙهه لازم ڪئي ويئي تنهن مهل منجهانئن اوچتو هڪ ٽولي الله جي خوف وانگر يا ان کان به وڌ خوف ڪرڻ ۾، ماڻهن کان ڊڄي ٿي ۽ چيائون ته اي اسان جا پالڻهار! ڇا لاءِ اسان تي ويڙهه لازم ڪئي اٿيئي؟ ويجهي وقت تائين تو اسان کي ڇو نه دير ڏني؟ (اي پيغمبر!) چؤ ته دنيا جو سامان ٿورڙو آهي، آخرت اُنهي لاءِ ڀلي آهي جيڪو پرهيزگاري ڪندو ۽ توهان تي تند جيترو به ظلم نه ڪيو ويندو (٧٧). جتي هوندءُ اُتي اوهان کي موت پهچندو جيتوڻيڪ مضبوط قلعن ۾ (ڇونه) هوندءُ. ۽ جيڪڏهن کين ڪا ڇڱائي پهچندي آهي ته چوندا آهن ته هيءَ الله وٽان (پهتي) آهي، ۽ جيڪڏهن کين ڪا تڪليف پهچندي آهي ته چوندا آهن ته هيءَ تو وٽان پهتي آهي- (کين) چؤ ته (ڏک سک) سڀ الله وٽان آهي- پوءِ هن قوم کي ڇا (ٿيو) آهي جو ڳالهه جي سمجهڻ کي ويجهو ئي نه آهن (٧٨). توکي جيڪا به ڇڱائي پهچي ٿي سا الله وٽان (ڀانءِ) ۽ توکي جيڪا به تڪليف پهچي ٿي سا پنهنجي نفس (جي ڪمن جي شامت) کان (ڀانءِ) ۽ توکي ماڻهن لاءِ پيغمبر ڪري موڪليوسون ۽ الله شاهد بس آهي (٧٩). جيڪو پيغمبر جي فرمانبرداري ڪندو تنهن بيشڪ الله جي فرمانبرداري ڪئي ۽ جيڪو ڦرندو تن تي توکي نگهبان ڪري نه موڪليو اٿؤن (٨٠).

وَيَقُوْلُوْنَ طَاعَةٌ ۫ فَاِذَا بَرَزُوْا مِنْ عِنْدِكَ بَيَّتَ طَآئِفَةٌ
مِّنْهُمْ غَيْرَ الَّذِيْ تَقُوْلُ ؕ وَاللّٰهُ يَكْتُبُ مَا يُبَيِّتُوْنَ ۚ فَاَعْرِضْ
عَنْهُمْ وَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿٨١﴾ اَفَلَا يَتَدَبَّرُوْنَ
الْقُرْاٰنَ ؕ وَلَوْ كَانَ مِنْ عِنْدِ غَيْرِ اللّٰهِ لَوَجَدُوْا فِيْهِ اخْتِلَافًا
كَثِيْرًا ﴿٨٢﴾ وَاِذَا جَآءَهُمْ اَمْرٌ مِّنَ الْاَمْنِ اَوِ الْخَوْفِ اَذَاعُوْا بِهٖ ؕ
وَلَوْ رَدُّوْهُ اِلَى الرَّسُوْلِ وَاِلٰٓى اُولِي الْاَمْرِ مِنْهُمْ لَعَلِمَهُ الَّذِيْنَ
يَسْتَنْۢبِطُوْنَهٗ مِنْهُمْ ؕ وَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهٗ لَاتَّبَعْتُمُ
الشَّيْطٰنَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٨٣﴾ فَقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۚ لَا تُكَلَّفُ اِلَّا
نَفْسَكَ وَحَرِّضِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۚ عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّكُفَّ بَاْسَ الَّذِيْنَ
كَفَرُوْا ؕ وَاللّٰهُ اَشَدُّ بَاْسًا وَّاَشَدُّ تَنْكِيْلًا ﴿٨٤﴾ مَنْ يَّشْفَعْ شَفَاعَةً
حَسَنَةً يَّكُنْ لَّهٗ نَصِيْبٌ مِّنْهَا ۚ وَمَنْ يَّشْفَعْ شَفَاعَةً سَيِّئَةً يَّكُنْ
لَّهٗ كِفْلٌ مِّنْهَا ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ مُّقِيْتًا ﴿٨٥﴾ وَاِذَا حُيِّيْتُمْ
بِتَحِيَّةٍ فَحَيُّوْا بِاَحْسَنَ مِنْهَآ اَوْ رُدُّوْهَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلٰى
كُلِّ شَيْءٍ حَسِيْبًا ﴿٨٦﴾ اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ لَيَجْمَعَنَّكُمْ اِلٰى يَوْمِ
الْقِيٰمَةِ لَا رَيْبَ فِيْهِ ؕ وَمَنْ اَصْدَقُ مِنَ اللّٰهِ حَدِيْثًا ﴿٨٧﴾ ع

۽ (منافق تو وٽ) چوندا آهن ته فرمانبرداري (ڪنداسون) پوءِ جڏهن تو وٽان هليا ويندا آهن تڏهن منجهائن هڪ ٽولي تنهنجي ڳالهين جي ابتڙ رات جو صلاحون ڪندي آهي ۽ جيڪي رات جو صلاحون ڪندا آهن سي الله لکندو آهي، تنهنڪري ڪائن منهن موڙ ۽ الله تي ڀروسو ڪر ۽ الله وڪيل بس آهي (٨١). قرآن ۾ ڇو نه سوچ ڪندا آهن؟ ۽ جيڪڏهن الله کان سواءِ ٻئي (ڪنهن) وٽان هجي ها ته منجهس گهڻو اختلاف لهن ها (٨٢). ۽ جڏهن وٽن امن جي يا خطري جي ڪا خبر ايندي آهي (تڏهن) اُن کي مشهور ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن اُن کي پيغمبر ڏانهن ۽ پنهنجن (مسلمانن) مان اميرن (حڪمرانن) ڏانهن پهچائين ها ته منجهائن جيڪي اُن کي جاچيندا آهن سي ضرور اُن کي (چڱيءَ طرح) ڄاڻن ها ۽ جيڪڏهن الله جو فضل ۽ سندس ٻاجه اوهان تي نه هجي ها ته ٿورڙن کان سواءِ ضرور شيطان جي پٺيان لڳو ها (٨٣). پوءِ (اي پيغمبر!) الله جي واٽ ۾ جنگ ڪر، تنهنجي سِر کان سواءِ توتي بار نه رکيو ويو آهي ۽ مؤمنن کي همٿاءِ، ويجهو ئي الله ڪافرن جي ويڙهه کي روڪڻ تي آهي ۽ الله ويڙهه جي ڪري ڏاڍو زور وارو ۽ سزا ڏيڻ ۾ (بہ) ڏاڍو زور وارو آهي (٨۴). جيڪو چڱيءَ ڳالهه جي سفارش ڪندو تنهن لاءِ منجهانئس حصو آهي، ۽ جيڪو بڇڙيءَ ڳالهه جي سفارش ڪندو تنهن لاءِ منجهانئس حصو آهي ۽ الله سڀ شيءِ تي نگهبان آهي (٨٥). ۽ جڏهن اوهان کي سلام ڪرڻ سان تعظيم ڏني وڃي تڏهن اُن کان بهتر تعظيم سان (سلام) ورايو يا اوترو ورايو- بيشڪ الله سڀ ڪنهن شيءِ جو حساب ڪندڙ آهي (٨٦). الله (اُهو آهي جو) اُن کان سواءِ ڪو عبادت جو لائق نه آهي. قيامت جي ڏينهن جنهن ۾ (ڪو) شڪ نه آهي اوهان کي ضرور گڏ ڪندو ۽ الله کان ڪير (پنهنجي) ڳالهه ۾ وڌيڪ سچو آهي؟ (٨٧).

فَمَا لَكُمْ فِي الْمُنٰفِقِيْنَ فِئَتَيْنِ وَاللّٰهُ اَرْكَسَهُمْ بِمَا كَسَبُوْا ط
اَتُرِيْدُوْنَ اَنْ تَهْدُوْا مَنْ اَضَلَّ اللّٰهُ ط وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ
فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ سَبِيْلًا ﴿٨٨﴾ وَدُّوْا لَوْ تَكْفُرُوْنَ كَمَا كَفَرُوْا
فَتَكُوْنُوْنَ سَوَآءً فَلَا تَتَّخِذُوْا مِنْهُمْ اَوْلِيَآءَ حَتّٰى يُهَاجِرُوْا
فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ط فَاِنْ تَوَلَّوْا فَخُذُوْهُمْ وَاقْتُلُوْهُمْ حَيْثُ
وَجَدْتُّمُوْهُمْ ص وَلَا تَتَّخِذُوْا مِنْهُمْ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا ﴿٨٩﴾ لا اِلَّا
الَّذِيْنَ يَصِلُوْنَ اِلٰى قَوْمٍۭ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُمْ مِّيْثَاقٌ اَوْ
جَآءُوْكُمْ حَصِرَتْ صُدُوْرُهُمْ اَنْ يُّقَاتِلُوْكُمْ اَوْ يُقَاتِلُوْا
قَوْمَهُمْ ط وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَسَلَّطَهُمْ عَلَيْكُمْ فَلَقٰتَلُوْكُمْ ج فَاِنِ
اعْتَزَلُوْكُمْ فَلَمْ يُقَاتِلُوْكُمْ وَاَلْقَوْا اِلَيْكُمُ السَّلَمَ لا فَمَا
جَعَلَ اللّٰهُ لَكُمْ عَلَيْهِمْ سَبِيْلًا ﴿٩٠﴾ سَتَجِدُوْنَ اٰخَرِيْنَ
يُرِيْدُوْنَ اَنْ يَّاْمَنُوْكُمْ وَيَاْمَنُوْا قَوْمَهُمْ ط كُلَّمَا رُدُّوْٓا اِلَى
الْفِتْنَةِ اُرْكِسُوْا فِيْهَا ج فَاِنْ لَّمْ يَعْتَزِلُوْكُمْ وَيُلْقُوْٓا اِلَيْكُمُ
السَّلَمَ وَيَكُفُّوْٓا اَيْدِيَهُمْ فَخُذُوْهُمْ وَاقْتُلُوْهُمْ حَيْثُ
ثَقِفْتُمُوْهُمْ ط وَاُولٰٓئِكُمْ جَعَلْنَا لَكُمْ عَلَيْهِمْ سُلْطٰنًا مُّبِيْنًا ﴿٩١﴾ ع

اوهان کي ڇا (ٿيو) آهي جو منافقن جي بابت ٻه ٽوليون (ٿي پيا) آهيو ۽ الله سندن ڪرتوتن سببان کين اونڌو ڪيو آهي. جنهن کي الله ڀُلايو تنهن کي اوهين هدايت ڪرڻ گهرندا آهيو ڇا؟ جنهن کي الله ڀلائيندو آهي تنهن لاءِ ڪا واٽ ڪڏهن نه لهندين (٨٨). (اهي) گهرندا آهن ته جيڪر اوهين ڪافر ٿيو جهڙا پاڻ ڪافر آهن ته (سڀ) هڪجهڙا ٿيو پوءِ منجهانئن ڪنهن کي ايستائين دوست ڪري نه وٺو جيستائين الله جي واٽ ۾ وطن ڇڏين. پوءِ جيڪڏهن ڦري وڃن ته پڪڙيونِ ۽ جتي لهونِ تتي قتل ڪريونِ ۽ منجهانئن ڪنهن کي نڪي دوست ۽ نڪي مددگار ڪري وٺو (٨٩). پر (اُنهن سان نه وڙهو) جيڪي اهڙيءَ قوم سان ڳنڍيل هجن جو اوهان جي ۽ اُنهن جي وچ ۾ معاهدو ٿيل هجي يا اوهان وٽ هن حال ۾ اچن جو اوهان سان وڙهڻ يا پنهنجي قوم سان وڙهڻ کان سندن سينا ڳهٽيل هُجن ۽ جيڪڏهن الله گهري ها ته کين اوهان تي غالب ڪري ها ۽ اوهان کي ضرور مارين ها پوءِ جيڪڏهن اوهان کان پاسو ڪن ۽ اوهان سان نه وڙهن ۽ اوهان ڏانهن صلح (جو پيغام) موڪلين ته پوءِ الله اوهان لاءِ مٿن ڪا (ويڙهه جي )واٽ نه ڪئي آهي (٩٠). ٻي ٽوليءَ کي (اوهين) سگهوئي لهندؤ جو اوهان کان اَمن ۾ هجڻ گهرندا ۽ پنهنجي قوم کان (به) اَمن ۾ هجڻ گهرندا۔ جڏهن به ڪنهن فتني ڏانهن سڏيا ويندا تڏهن منجهس جهٽ پٽ اونڌي منهن ڪري پوندا، پوءِ جيڪڏهن اوهان کان پاسو نه ڪن ۽ نڪي اوهان ڏانهن صلح (جو پيغام) موڪلين ۽ نڪي پنهنجن هٿن کي (ويڙهه کان) جهلين ته اُنهن کي پڪڙيو ۽ جتي اُنهن کي لهو تتي انهن کي ڪُهو ۽ اُنهن تي اسان اوهان کي پڌرو غلبو ڏنو آهي (٩١).

وَمَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ اَنْ يَّقْتُلَ مُؤْمِنًا اِلَّا خَطَـًٔا ۚ وَمَنْ قَتَلَ مُؤْمِنًا خَطَـًٔا
فَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مُّؤْمِنَةٍ وَّدِيَةٌ مُّسَلَّمَةٌ اِلٰٓى اَهْلِهٖٓ اِلَّآ اَنْ يَّصَّدَّقُوْا ؕ فَاِنْ
كَانَ مِنْ قَوْمٍ عَدُوٍّ لَّكُمْ وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مُّؤْمِنَةٍ ؕ وَاِنْ
كَانَ مِنْ قَوْمٍۭ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُمْ مِّيْثَاقٌ فَدِيَةٌ مُّسَلَّمَةٌ اِلٰٓى اَهْلِهٖ وَ
تَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مُّؤْمِنَةٍ ۚ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ شَهْرَيْنِ مُتَتَابِعَيْنِ ز
تَوْبَةً مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿٩٢﴾ وَمَنْ يَّقْتُلْ مُؤْمِنًا مُّتَعَمِّدًا
فَجَزَآؤُهٗ جَهَنَّمُ خٰلِدًا فِيْهَا وَغَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِ وَلَعَنَهٗ وَاَعَدَّ لَهٗ
عَذَابًا عَظِيْمًا ﴿٩٣﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا ضَرَبْتُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ
فَتَبَيَّنُوْا وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ اَلْقٰٓى اِلَيْكُمُ السَّلٰمَ لَسْتَ مُؤْمِنًا ۚ تَبْتَغُوْنَ
عَرَضَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ؗ فَعِنْدَ اللّٰهِ مَغَانِمُ كَثِيْرَةٌ ؕ كَذٰلِكَ كُنْتُمْ مِّنْ
قَبْلُ فَمَنَّ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ فَتَبَيَّنُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿٩٤﴾
لَا يَسْتَوِي الْقٰعِدُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ غَيْرُ اُولِي الضَّرَرِ وَالْمُجٰهِدُوْنَ
فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ ؕ فَضَّلَ اللّٰهُ الْمُجٰهِدِيْنَ
بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ عَلَى الْقٰعِدِيْنَ دَرَجَةً ؕ وَكُلًّا وَّعَدَ اللّٰهُ
الْحُسْنٰى ؕ وَفَضَّلَ اللّٰهُ الْمُجٰهِدِيْنَ عَلَى الْقٰعِدِيْنَ اَجْرًا عَظِيْمًا ۙ ﴿٩٥﴾

۽ مؤمن جو ڪنهن مؤمن کي مارڻ ڀُل چُڪ کان سواءِ (ڪنهن حال ۾) نہ جڳائي ۽ جيڪو مؤمن کي ڀل چڪ سان ماري تہ (هڪ تہ) مؤمن ٻانهي کي آزاد ڪري ۽ (ٻيو تہ) چَٽي سندس وارثن کي پهچائي پر جي بخشين (تہ اُنهن کي اختيار آهي)- پوءِ جيڪڏهن اوهان جي دشمنن جي قوم مان آهي ۽ اُهو مؤمن هجي تہ (رڳو) مؤمن ٻانهي کي آزاد ڪرڻ لازم آهي (۽ چٽي معاف آهي) ۽ جيڪڏهن اُنهيءَ قوم مان آهي جو اوهان جي ۽ اُنهن جي وچ ۾ پڪو معاهدو ٿيل آهي تہ چَٽي سندس وارثن کي پهچائجي ۽ مؤمن ٻانهي کي آزاد ڪرڻ لازم آهي ۽ جيڪو(ٻانهو) نہ لهي تہ ٻہ مهينا لڳولڳ روزا رکي (اهو ڪفارو) الله (جي پار) کان توبہ جي (قبول ٿيڻ) لاءِ آهي ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (٩٢). ۽ جيڪو مؤمن کي ڄاڻي واڻي مارينـدو تنهن جي سزا دوزخ آهي منجهس سدائين رهڻ وارو آهي ۽ الله مٿس ڏمريو ۽ مٿس لعنت ڪندو ۽ اُن لاءِ وڏو عذاب تيار ڪيو اٿس (٩٣). اي ايمان وارؤ! جڏهن اوهين الله جي واٽ ۾ (جهاد لاءِ) مسافري ڪريو تڏهن (پوريءَ طرح) جاچيو ۽ جيڪو اوهان کي سلام ڪري تنهن کي اوهين دنيا جي حياتيءَ جو سامان طلبيندڙ ٿي، نہ چئو تہ تون مؤمن نہ آهين، ڇو تہ الله وٽ (ڏيڻ لاءِ) خزانا گهڻا آهن- اڳ اوهين بہ اُهڙا هيؤ پوءِ الله اوهان تي احسان ڪيو پوءِ اوهين (پوريءَ طرح) جاچيو- ڇو تہ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي (٩۴). مؤمنن مان ڪنهن عذر ڌاران (جهاد کان گهر ۾) ويهي رهندڙ ۽ الله جي واٽ ۾ پنهنجن مالن ۽ پنهنجن سِرن سان جهاد ڪندڙ (اِهي ٻئي) برابر نہ آهن پنهنجن مالن ۽ پنهنجن سِرن سان جهاد ڪندڙن کي الله (گهر ۾) ويهي رهندڙن کان مرتبي ۾ ڀلو ڪيو آهي ۽ الله هر هڪ کي چڱائي جو وعدو ڏنو آهي ۽ الله جهاد ڪندڙن کي ويهي رهندڙن کان وڏي اَجر جي ڪري ڀلو ڪيو آهي (٩٥).

دَرَجٰتٍ مِّنۡهُ وَمَغۡفِرَةً وَّرَحۡمَةً ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوۡرًا
رَّحِيۡمًا ﴿٩٦﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ تَوَفّٰٮهُمُ الۡمَلٰٓئِكَةُ ظَالِمِىۡۤ
اَنۡفُسِهِمۡ قَالُوۡا فِيۡمَ كُنۡتُمۡ ؕ قَالُوۡا كُنَّا مُسۡتَضۡعَفِيۡنَ
فِى الۡاَرۡضِ ؕ قَالُوۡۤا اَلَمۡ تَكُنۡ اَرۡضُ اللّٰهِ وَاسِعَةً فَتُهَاجِرُوۡا
فِيۡهَا ؕ فَاُولٰٓئِكَ مَاۡوٰٮهُمۡ جَهَنَّمُ ؕ وَسَآءَتۡ مَصِيۡرًا ﴿٩٧﴾
اِلَّا الۡمُسۡتَضۡعَفِيۡنَ مِنَ الرِّجَالِ وَالنِّسَآءِ وَالۡوِلۡدَانِ
لَا يَسۡتَطِيۡعُوۡنَ حِيۡلَةً وَّلَا يَهۡتَدُوۡنَ سَبِيۡلًا ﴿٩٨﴾
فَاُولٰٓئِكَ عَسَى اللّٰهُ اَنۡ يَّعۡفُوَ عَنۡهُمۡ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ
عَفُوًّا غَفُوۡرًا ﴿٩٩﴾ وَمَنۡ يُّهَاجِرۡ فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ يَجِدۡ
فِى الۡاَرۡضِ مُرٰغَمًا كَثِيۡرًا وَّسَعَةً ؕ وَمَنۡ يَّخۡرُجۡ
مِنۡۢ بَيۡتِهٖ مُهَاجِرًا اِلَى اللّٰهِ وَرَسُوۡلِهٖ ثُمَّ يُدۡرِكۡهُ
الۡمَوۡتُ فَقَدۡ وَقَعَ اَجۡرُهٗ عَلَى اللّٰهِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوۡرًا
رَّحِيۡمًا ﴿١٠٠﴾ وَاِذَا ضَرَبۡتُمۡ فِى الۡاَرۡضِ فَلَيۡسَ عَلَيۡكُمۡ
جُنَاحٌ اَنۡ تَقۡصُرُوۡا مِنَ الصَّلٰوةِ ۖ اِنۡ خِفۡتُمۡ اَنۡ يَّفۡتِنَكُمُ
الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا ؕ اِنَّ الۡكٰفِرِيۡنَ كَانُوۡا لَكُمۡ عَدُوًّا مُّبِيۡنًا ﴿١٠١﴾

پاڻ وٽان درجا ۽ بخشش ۽ ٻاجھ ڪئي اٿس ۽ الله بخشڻھار مھربان آھي (٩٦). بيشڪ جن پاڻ تي ظلم ڪيو آھي تن کي ملائڪ مارڻ مھل چوندا آھن تہ اوھين ڪھڙي (حال) ۾ ھيؤ؟ اُھي چوندا تہ اسين ملڪ ۾ ٻيوس ھئاسون- (ملائڪ ڪين) چوندا تہ الله جو ملڪ ويڪرو نہ ھو ڇا؟ جو اُن ۾ لڏي وڃو ھا- پوءِ اُنھن جي جاءِ دوزخ آھي ۽ اُھو ھنڌ بڇڙو آھي. (٩٧). پر مردن ۽ عورتن ۽ ٻارن مان ھيٺان جو، ڪا واھ لھي نہ سگھندا آھن ۽ نڪا نڪرڻ جي ڪا واٽ وٺي سگھندا آھن (٩٨). تہ سگھو اُنھن کي الله معاف ڪرڻ تي آھي ۽ الله معافي ڏيندڙ بخشڻھار آھي (٩٩). جيڪو الله جي واٽ ۾ وطن ڇڏيندو سو زمين ۾ گھڻيون رھڻ جون جايون ۽ (روزيءَ جي) ڪشادگي لھندو ۽ جيڪو الله (جي واٽ ۾) ۽ سندس پيغمبر ڏانھن ھجرت ڪندڙ ٿي پنھنجي گھر کان نڪرندو پوءِ کيس موت پھچندو تنھن جو اجر بيشڪ الله تي (لازم) آھي ۽ الله بخشڻھار مھربان آھي (١٠٠). ۽ جڏھن اوھين ملڪ ۾ مسافري ڪريو تڏھن جيڪڏھن ڊپ ھجي تہ ڪافر اوھان کي پريشان ڪندا تہ نماز مان ڪجھ گھٽائڻ ۾ اوھان تي گناھ ڪونھي- ڇو تہ ڪافر اوھان جا پڌرا ويري آھن (١٠١).

وَاِذَا كُنْتَ فِيْهِمْ فَاَقَمْتَ لَهُمُ الصَّلٰوةَ فَلْتَقُمْ طَآئِفَةٌ
مِّنْهُمْ مَّعَكَ وَلْيَاْخُذُوْٓا اَسْلِحَتَهُمْ فَاِذَا سَجَدُوْا فَلْيَكُوْنُوْا
مِنْ وَّرَآئِكُمْ وَلْتَاْتِ طَآئِفَةٌ اُخْرٰى لَمْ يُصَلُّوْا فَلْيُصَلُّوْا
مَعَكَ وَلْيَاْخُذُوْا حِذْرَهُمْ وَاَسْلِحَتَهُمْ ۚ وَدَّ الَّذِيْنَ
كَفَرُوْا لَوْ تَغْفُلُوْنَ عَنْ اَسْلِحَتِكُمْ وَاَمْتِعَتِكُمْ فَيَمِيْلُوْنَ
عَلَيْكُمْ مَّيْلَةً وَّاحِدَةً ؕ وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اِنْ كَانَ بِكُمْ
اَذًى مِّنْ مَّطَرٍ اَوْ كُنْتُمْ مَّرْضٰٓى اَنْ تَضَعُوْٓا اَسْلِحَتَكُمْ ۚ وَ
خُذُوْا حِذْرَكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ اَعَدَّ لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابًا مُّهِيْنًا ﴿١٠٢﴾
فَاِذَا قَضَيْتُمُ الصَّلٰوةَ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ قِيٰمًا وَّقُعُوْدًا
وَّعَلٰى جُنُوْبِكُمْ ۚ فَاِذَا اطْمَاْنَنْتُمْ فَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ ۚ اِنَّ
الصَّلٰوةَ كَانَتْ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ كِتٰبًا مَّوْقُوْتًا ﴿١٠٣﴾ وَلَا
تَهِنُوْا فِى ابْتِغَآءِ الْقَوْمِ ؕ اِنْ تَكُوْنُوْا تَاْلَمُوْنَ فَاِنَّهُمْ
يَاْلَمُوْنَ كَمَا تَاْلَمُوْنَ ۚ وَتَرْجُوْنَ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا يَرْجُوْنَ ؕ وَ
كَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿١٠٤﴾ ع اِنَّآ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ لِتَحْكُمَ
بَيْنَ النَّاسِ بِمَآ اَرٰىكَ اللّٰهُ ؕ وَلَا تَكُنْ لِّلْخَآئِنِيْنَ خَصِيْمًا ﴿١٠٥﴾ لا

۽ (اي پيغمبر! ويڙهه مهل) جڏهن منجهن هجين پوءِ کين نماز پڙهائين ته منجهانئن هڪ ٽوليءَ کي توسان (نماز ۾) بيهڻ گهرجي ۽ پنهنجن هٿيارن کي (ساڻ) وٺڻ گهرجين، پوءِ جنهن مهل (اُهي) سجدو ڏيئي بيهن (تنهن مهل) اوهان جي پوئتان ٿين ۽ جنهن ٻي ٽوليءَ نماز نه پڙهي آهي سي، اچن ته کي توسان نماز پڙهڻ گهرجي ۽ پنهنجي بچاءَ (جي شين) ۽ پنهنجن هٿيارن کي وٺڻ گهرجين. ڪافر گهرندا آهن ته جيڪر اوهين پنهنجن هٿيارن ۽ پنهنجي سامان کان (ڪجهه) بي خبر ٿيو ته اوهان تي هڪ ئي ڀيري حملو ڪن- ۽ جيڪڏهن اوهان کي مينهن کان ڪا تڪليف هجي يا اوهين بيمار هجو ته اوهان تي گناه نه آهي ته پنهنجا هٿيار لاهي رکو، ۽ پنهنجي بچاءُ جون شيون (ساڻ) وٺو. بيشڪ الله ڪافرن لاءِ خواري ڏيندڙ عذاب تيار ڪيو آهي (١٠٢). پوءِ جڏهن نماز پوري ڪريو (تڏهن) بيٺي ۽ ويٺي ۽ پنهنجن پاسن ڀر الله کي ياد ڪريو، پوءِ جڏهن اوهين دلجاءِ ڪريو تڏهن (اصلي دستور تي) نماز پڙهو، بيشڪ نماز مؤمنن تي مقرر وقت تي فرض آهي (١٠٣). ۽ ڪافرن جي ڳول ڦول ۾ سستي نه ڪريو- جيڪڏهن اوهين ڏکوئبا آهيو ته اُهي به اوهان جهڙا ڏکوئبا آهن، ۽ اوهين الله ۾ اُها اُميد ٿا رکو جا اميد اُنهن کي نه آهي- ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (١٠۴). (اي پيغمبر!) بيشڪ اسان تو ڏانهن سچو ڪتاب هن لاءِ لاٿو آهي ته جيئن الله توکي سيکاريو آهي تيئن ماڻهن جي وچ ۾ فيصلو ڪرين- ۽ خيانت ڪندڙن جي پاسداري نه ڪر (١٠٥).

وَّاسْتَغْفِرِ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ۚ﴿١٠٦﴾ وَلَا تُجَادِلْ
عَنِ الَّذِيْنَ يَخْتَانُوْنَ اَنْفُسَهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ مَنْ
كَانَ خَوَّانًا اَثِيْمًا ۙ﴿١٠٧﴾ يَّسْتَخْفُوْنَ مِنَ النَّاسِ وَلَا
يَسْتَخْفُوْنَ مِنَ اللّٰهِ وَهُوَ مَعَهُمْ اِذْ يُبَيِّتُوْنَ مَا لَا يَرْضٰى
مِنَ الْقَوْلِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِمَا يَعْمَلُوْنَ مُحِيْطًا ﴿١٠٨﴾ هٰۤاَنْتُمْ
هٰۤؤُلَآءِ جٰدَلْتُمْ عَنْهُمْ فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۫ فَمَنْ يُّجَادِلُ
اللّٰهَ عَنْهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اَمْ مَّنْ يَّكُوْنُ عَلَيْهِمْ وَكِيْلًا ﴿١٠٩﴾ وَ
مَنْ يَّعْمَلْ سُوْٓءًا اَوْ يَظْلِمْ نَفْسَهٗ ثُمَّ يَسْتَغْفِرِ اللّٰهَ يَجِدِ
اللّٰهَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿١١٠﴾ وَمَنْ يَّكْسِبْ اِثْمًا فَاِنَّمَا يَكْسِبُهٗ عَلٰى
نَفْسِهٖ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿١١١﴾ وَمَنْ يَّكْسِبْ خَطِيْٓـَٔةً
اَوْ اِثْمًا ثُمَّ يَرْمِ بِهٖ بَرِيْٓـًٔا فَقَدِ احْتَمَلَ بُهْتَانًا وَّاِثْمًا مُّبِيْنًا ﴿١١٢﴾ ع
وَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكَ وَرَحْمَتُهٗ لَهَمَّتْ طَّآئِفَةٌ مِّنْهُمْ
اَنْ يُّضِلُّوْكَ ؕ وَمَا يُضِلُّوْنَ اِلَّاۤ اَنْفُسَهُمْ وَمَا يَضُرُّوْنَكَ مِنْ
شَيْءٍ ؕ وَاَنْزَلَ اللّٰهُ عَلَيْكَ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَعَلَّمَكَ
مَا لَمْ تَكُنْ تَعْلَمُ ؕ وَكَانَ فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكَ عَظِيْمًا ﴿١١٣﴾

۽ الله کان بخشش گھر- جو تہ الله بخشڻھار مھربان آھي (١٠٦). ۽ جيڪي پنھنجو پاڻ سان خيانت ڪندا آھن تن جي پاران (تون) نہ جھيڙ- جو تہ الله خيانتي گنھگار کي دوست نہ رکندو آھي (١٠٧). ماڻھن کان لڪندا آھن ۽ الله کان لڪي نہ سگھندا ۽ جڏھن رات جو اُھا صلاح ڪندا آھن جنھن صلاح کان (الله) راضي نہ آھي ڏھن اُھو (الله) ساڻن آھي- ۽ جيڪي ڪندا آھن تنھن کي الله گھيرو ڪندڙ آھي (١٠٨). خبردار! اوھين اھڙي قوم آھيو جو دنيا جي حياتيءَ ۾ (تہ) سندن پاران بحث ڪندا آھيو، پوءِ قيامت جي ڏينھن سندن پاران الله سان ڪير جھيڙو ڪندو؟ يا مٿن ڪير پرجھلو ٿيندو؟ (١٠٩). ۽ جيڪو بچڙو ڪم ڪندو يا پاڻ تي ظلم ڪندو وري الله کان بخشش گھرندو سو الله کي بخشڻھار مھربان لھندو (١١٠). ۽ جيڪو ٺي گناہ ڪري ٿو سو پاڻ لاءِ ٺي ڪري ٿو ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آھي (١١١). ۽ جي ڪو ڪا خطا يا گناہ ڪري وري اُھا (تھمت) ڪنھن بيگناہ تي ھڻي تنھن بيشڪ بھتان ۽ پڌرو گناہ کنيو (١١٢). ۽ جيڪڏھن تو تي الله جو فضل ۽ سندس ٻاجھ نہ ھجي ھا تہ منجھانئن ھڪ ٽوليءَ توکي غلطي ۾ وجھڻ جي پڪي نيت ڪئي ھئي ۽ (اُھي) پاڻ کان سواءِ (ڪنھن کي) نہ ڀلائيندا آھن ۽ توکي ڪوبہ نقصان نہ پھچائيندا ۽ الله توتي ڪتاب ۽ دانائي لاٿي آھي ۽ جيڪي تون نہ ڄاڻندو ھئين سو توکي سيکاريائين ۽ توتي الله جو وڏو فضل آھي (١١٣).

لَا خَيْرَ فِيْ كَثِيْرٍ مِّنْ نَّجْوٰىهُمْ اِلَّا مَنْ اَمَرَ بِصَدَقَةٍ اَوْ
مَعْرُوْفٍ اَوْ اِصْلَاحٍۭ بَيْنَ النَّاسِ ؕ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ
ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ فَسَوْفَ نُؤْتِيْهِ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿١١٤﴾ وَمَنْ
يُّشَاقِقِ الرَّسُوْلَ مِنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُ الْهُدٰى وَ
يَتَّبِعْ غَيْرَ سَبِيْلِ الْمُؤْمِنِيْنَ نُوَلِّهٖ مَا تَوَلّٰى وَنُصْلِهٖ
جَهَنَّمَ ؕ وَسَآءَتْ مَصِيْرًا ﴿١١٥﴾ ع اِنَّ اللّٰهَ لَا يَغْفِرُ اَنْ يُّشْرَكَ
بِهٖ وَيَغْفِرُ مَا دُوْنَ ذٰلِكَ لِمَنْ يَّشَآءُ ؕ وَمَنْ يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ
فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًۢا بَعِيْدًا ﴿١١٦﴾ اِنْ يَّدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖۤ اِلَّآ
اِنٰثًا ۚ وَاِنْ يَّدْعُوْنَ اِلَّا شَيْطٰنًا مَّرِيْدًا ﴿١١٧﴾ ۙ لَّعَنَهُ اللّٰهُ ۘ
وَقَالَ لَاَتَّخِذَنَّ مِنْ عِبَادِكَ نَصِيْبًا مَّفْرُوْضًا ﴿١١٨﴾ ۙ
وَّلَاُضِلَّنَّهُمْ وَلَاُمَنِّيَنَّهُمْ وَلَاٰمُرَنَّهُمْ فَلَيُبَتِّكُنَّ اٰذَانَ
الْاَنْعَامِ وَلَاٰمُرَنَّهُمْ فَلَيُغَيِّرُنَّ خَلْقَ اللّٰهِ ؕ وَمَنْ يَّتَّخِذِ
الشَّيْطٰنَ وَلِيًّا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ فَقَدْ خَسِرَ خُسْرَانًا مُّبِيْنًا ﴿١١٩﴾ ؕ
يَعِدُهُمْ وَيُمَنِّيْهِمْ ؕ وَمَا يَعِدُهُمُ الشَّيْطٰنُ اِلَّا غُرُوْرًا ﴿١٢٠﴾
اُولٰٓئِكَ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ۟ وَلَا يَجِدُوْنَ عَنْهَا مَحِيْصًا ﴿١٢١﴾

سندين گهڻين ڳجهين صلاحن ۾ ڪا چڱائي نہ آهي پر جنهن خيرات ڏيڻ يا چڱي ڪم يا ماڻهن جي وچ ۾ سڌاري ڪرڻ جو حڪم ڪيو (تنهن جي صلاح ۾ چڱائي آهي) ۽ جيڪو اُهو (ڪم) الله جي رضا منديءَ ڳولڻ لاءِ ڪندو تنهن کي سگهوئي وڏو اجر ڏينداسون (١١۴). ۽ جيڪو هدايت جي چٽي ٿيڻ کان پوءِ پيغمبر جي مخالفت ڪندو ۽ مؤمنن جي واٽ کان سواءِ ٻي واٽ وٺندو سو جيڏانهن ڦريو تيڏانهن ڪيس ڦيرينداسون ۽ ڪيس دوزخ ۾ گهيڙينداسون ۽ (اها) جاءِ بڇڙي آهي (١١٥). بيشڪ الله هيءُ (ڏوه) نہ بخشيندو جو (ڪنهن کي) ساڻس شريڪ ڪيو وڃيءِ اُن کان سواءِ (ٻيا گناه) جنهن لاءِ گهرندو تنهن کي بخشيندو ۽ جيڪو الله سان (ڪنهن کي) شريڪ بڻائيندو سو بيشڪ وڏي، ڀل ۾ ڀلو (١١٦). (هي مشرڪ) ان (الله) کان سواءِ عورتن (جي نالن) کي ئي سڏيندا آهن ۽ (حقيقت) ۾ تڙيل شيطان کان سواءِ ٻئي کي نہ سڏيندا آهن (١١٧). ان تي الله لعنت ڪئي آهي- ۽ (شيطان) چيو تہ تنهنجي ٻانهن مان مقرر ڪيل حصو ضرور وٺندس (١١٨). ۽ کين ضرور گمراهہ ڪندس ۽ کين ضرور سَڌن ۾ وجهندس ۽ کين ضرور حڪم ڪندس پوءِ ضرور ڍورن جي ڪنن کي چيريندا (رهندا) ۽ کين ضرور حڪم ڪندس تہ الله جي جوڙيل (صورت) کي مٽائيندا (رهندا) ۽ جيڪو الله کان سواءِ شيطان کي دوست ڪري وٺندو تنهن بيشڪ پڌرو نقصان پاتو (١١٩). (شيطان) کين انجام ڏيندو آهي ۽ کين سَڌن ۾ وجهندو آهي ۽ شيطان ٺڳيءَ کان سواءِ (ٻيو ڪو) انجام نہ ڏيندو اٿن (١٢٠). اهڙن ماڻهن جي جاءِ دوزخ آهي ۽ اُن کان ڀڄڻ جي ڪا واه نہ لهندا (١٢١).

وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ سَنُدۡخِلُهُمۡ جَنّٰتٍ
تَجۡرِىۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَاۤ اَبَدًا ‌ؕ وَعۡدَ اللّٰهِ
حَقًّا ‌ؕ وَمَنۡ اَصۡدَقُ مِنَ اللّٰهِ قِيۡلًا ﴿۱۲۲﴾ لَيۡسَ بِاَمَانِيِّكُمۡ
وَلَاۤ اَمَانِىِّ اَهۡلِ الۡكِتٰبِ‌ ؕ مَنۡ يَّعۡمَلۡ سُوۡۤءًا يُّجۡزَ بِهٖ ۙ وَ
لَا يَجِدۡ لَهٗ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيۡرًا ﴿۱۲۳﴾ وَمَنۡ يَّعۡمَلۡ
مِنَ الصّٰلِحٰتِ مِنۡ ذَكَرٍ اَوۡ اُنۡثٰى وَهُوَ مُؤۡمِنٌ فَاُولٰۤٮِٕكَ
يَدۡخُلُوۡنَ الۡجَـنَّةَ وَلَا يُظۡلَمُوۡنَ نَقِيۡرًا ﴿۱۲۴﴾ وَمَنۡ اَحۡسَنُ
دِيۡنًا مِّمَّنۡ اَسۡلَمَ وَجۡهَهٗ لِلّٰهِ وَهُوَ مُحۡسِنٌ وَّاتَّبَعَ مِلَّةَ
اِبۡرٰهِيۡمَ حَنِيۡفًا ‌ؕ وَاتَّخَذَ اللّٰهُ اِبۡرٰهِيۡمَ خَلِيۡلًا ﴿۱۲۵﴾ وَلِلّٰهِ مَا فِى
السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الۡاَرۡضِ‌ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَىۡءٍ مُّحِيۡطًا ﴿۱۲۶﴾ ع
وَيَسۡتَفۡتُوۡنَكَ فِى النِّسَآءِ‌ ؕ قُلِ اللّٰهُ يُفۡتِيۡكُمۡ فِيۡهِنَّ ۙ وَمَا
يُتۡلٰى عَلَيۡكُمۡ فِى الۡكِتٰبِ فِىۡ يَتٰمَى النِّسَآءِ الّٰتِىۡ لَا
تُؤۡتُوۡنَهُنَّ مَا كُتِبَ لَهُنَّ وَتَرۡغَبُوۡنَ اَنۡ تَنۡكِحُوۡهُنَّ
وَالۡمُسۡتَضۡعَفِيۡنَ مِنَ الۡوِلۡدَانِ ۙ وَاَنۡ تَقُوۡمُوۡا لِلۡيَتٰمٰى
بِالۡقِسۡطِ‌ ؕ وَمَا تَفۡعَلُوۡا مِنۡ خَيۡرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِهٖ عَلِيۡمًا ﴿۱۲۷﴾

۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي سگهوئي(اهڙن) باغن ۾ داخل
ڪنداسين جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن منجهن هميشه سدائين رهڻ
وارا آهن- (اهو) الله جو پڪو انجام آهي ۽ انجام ڏيڻ ۾ الله کان وڌيڪ
سچو ڪير آهي؟ (۱۲۲). ۽ نڪي اوهان جي سَڌن تي ۽ نڪي ڪتاب
وارن جي سڌن تي (چوٽڪارو) آهي. جيڪو ڪا برائي ڪندو تنهنکي
ان جي سزا ڏبي ۽ الله کان سواءِ پاڻ لاءِ نڪو سنڀاليندڙ ۽ نڪو مددگار
لهندو (۱۲۳). ۽ جيڪي (ماڻهو) مرد يا عورت مؤمن تي چڱا ڪم ڪندا
سي بهشت ۾ گهڙندا ۽ تر جيترو به ظلم نه ڪبن (۱۲۴). ۽ دين جي
اعتبار کان اُنهيءَ کان وڌيڪ چڱو ڪير آهي؟ جنهن پنهنجو مُنهن
(پيشاني) الله لاءِ نِوايو ۽ اهو چڱائي ڪندڙ آهي ۽ ابراهيم حنيف (هڪ
طرفي) جي دين جي پيروي ڪئي اتس ۽ الله ابراهيم کي (پنهنجو)
خاص دوست بڻايو هو (۱۲۵). ۽ جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين
۾ آهي سو الله جو آهي ۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي گهيرو ڪندڙ
آهي (۱۲٦). (اي پيغمبر!) زائفن بابت توکان پڇن ٿا- چؤ ته الله اُنهن بابت
اوهان کي حڪم ڪري ٿو ۽ (پڻ) جيڪي اوهان کي (هن) ڪتاب ۾
(اڳ) پڙهي ٻڌايو ويو آهي سو اُنهن يتيم زالن بابت آهي جن کي سندن
حق، جيڪو اُنهن لاءِ لازم ڪيو ويو سو نه ڏيندا آهيو ۽ کين پرڻجڻ جي
خواهش ڪندا آهيو ۽ (پڻ) هيٺن ٻارن بابت (سو اُهوحڪم قائم آهي) ۽
يتيمن (جي حقن ادا ڪرڻ) لاءِ انصاف تي قائم رهو- ۽ اوهين جيڪا
ڪا چڱائي ڪندؤ تنهن کي الله ڄاڻندڙ آهي (۱۲۷).

وَاِنِ امْرَاَةٌ خَافَتْ مِنْۢ بَعْلِهَا نُشُوْزًا اَوْ اِعْرَاضًا فَلَا
جُنَاحَ عَلَيْهِمَاۤ اَنْ يُّصْلِحَا بَيْنَهُمَا صُلْحًا ؕ وَالصُّلْحُ خَيْرٌ ؕ
وَاُحْضِرَتِ الْاَنْفُسُ الشُّحَّ ؕ وَاِنْ تُحْسِنُوْا وَتَتَّقُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ
كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿۱۲۸﴾ وَلَنْ تَسْتَطِيْعُوْۤا اَنْ تَعْدِلُوْا
بَيْنَ النِّسَآءِ وَلَوْ حَرَصْتُمْ فَلَا تَمِيْلُوْا كُلَّ الْمَيْلِ فَتَذَرُوْهَا
كَالْمُعَلَّقَةِ ؕ وَاِنْ تُصْلِحُوْا وَتَتَّقُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا
رَّحِيْمًا ﴿۱۲۹﴾ وَاِنْ يَّتَفَرَّقَا يُغْنِ اللّٰهُ كُلًّا مِّنْ سَعَتِهٖ ؕ وَكَانَ
اللّٰهُ وَاسِعًا حَكِيْمًا ﴿۱۳۰﴾ وَلِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ ؕ
وَلَقَدْ وَصَّيْنَا الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَاِيَّاكُمْ اَنِ
اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ وَاِنْ تَكْفُرُوْا فَاِنَّ لِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى
الْاَرْضِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَنِيًّا حَمِيْدًا ﴿۱۳۱﴾ وَلِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ
وَمَا فِى الْاَرْضِ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿۱۳۲﴾ اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ
اَيُّهَا النَّاسُ وَيَاْتِ بِاٰخَرِيْنَ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى ذٰلِكَ
قَدِيْرًا ﴿۱۳۳﴾ مَنْ كَانَ يُرِيْدُ ثَوَابَ الدُّنْيَا فَعِنْدَ اللّٰهِ
ثَوَابُ الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ سَمِيْعًاۢ بَصِيْرًا ﴿۱۳۴﴾ ع

۽ جيڪڏهن ڪا زال پنهنجي مڙس جي بي پرواهيءَ يا منهن موڙڻ کان ڊڄي ته ٻنهي جڻا پاڻ ۾ صلح ڪن (ڪنهن به قسم جو صلح) ته ٻنهي تي گناه نه آهي ۽ صلح ڀلو آهي ۽ نفس (ته) بخل جي آڏو ڪيا ويا آهن ۽ جيڪڏهن اوهين چڱائي ڪندؤ ۽ پرهيزگار ٿيندؤ ته جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي (١٢٨). ۽ اوهين زالن جي وچ ۾ ڪڏهن به برابري رکي نه سگهندؤ توڙيڪ گهڻي ڪوشش ڪريو تنهن ڪري اوهين (هڪ پاسي اهڙو) سارو لاڙو نه لڙو جو ٻيءَ کي لڙڪيل وانگر ڇڏيو ۽ جيڪڏهن اوهين (پاڻ ۾) صلح ڪريو ۽ پرهيزگار ٿيو ته الله بخشڻهار مهربان آهي (١٢٩). ۽ جيڪڏهن ٻئي جدا ٿيندا ته الله پنهنجي فضل سان هر ڪنهن کي آسودو ڪندو ۽ الله (مهربانيءَ ۾) ڪشادگيءَ وارو حڪمت وارو آهي (١٣٠). جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو الله جو آهي ۽ اوهان کان اڳ ڏنل ڪتاب وارن کي ۽ (هاڻي) خاص اوهان کي بيشڪ وصيت ڪئي اٿئون ته الله کان ڊڄو ۽ جيڪڏهن نه مڃيندؤ ته (سمجهو ته) جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو (خاص) الله جو آهي ۽ الله بي پرواهه ساراهيل آهي (١٣١). ۽ جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو الله جو آهي- ۽ الله ڀرجهلو بس آهي (١٣٢). اي انسانؤ! جيڪڏهن الله گهري ته اوهانکي فنا ڪري ڇڏي ۽ ٻين کي پيدا ڪري ۽ الله انهيءَ (ڪم) تي وس وارو آهي (١٣٣). جيڪو دنيا ۾ (پنهنجين چڱائين جو) ثواب گهرندو آهي ته الله وٽ دنيا ۽ آخرت جو ثواب آهي ۽ الله ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي (١٣۴).

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُوْنُوْا قَوّٰمِيْنَ بِالْقِسْطِ شُهَدَآءَ لِلّٰهِ
وَلَوْ عَلٰۤى اَنْفُسِكُمْ اَوِ الْوَالِدَيْنِ وَالْاَقْرَبِيْنَ ۚ اِنْ يَّكُنْ غَنِيًّا
اَوْ فَقِيْرًا فَاللّٰهُ اَوْلٰى بِهِمَا ۫ فَلَا تَتَّبِعُوا الْهَوٰۤى اَنْ تَعْدِلُوْا ۚ
وَاِنْ تَلْوٗۤا اَوْ تُعْرِضُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿١٣٥﴾
يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَالْكِتٰبِ الَّذِيْ نَزَّلَ
عَلٰى رَسُوْلِهٖ وَالْكِتٰبِ الَّذِيْۤ اَنْزَلَ مِنْ قَبْلُ ؕ وَمَنْ يَّكْفُرْ بِاللّٰهِ
وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَكُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًۢا
بَعِيْدًا ﴿١٣٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ثُمَّ كَفَرُوْا ثُمَّ اٰمَنُوْا ثُمَّ كَفَرُوْا ثُمَّ
ازْدَادُوْا كُفْرًا لَّمْ يَكُنِ اللّٰهُ لِيَغْفِرَ لَهُمْ وَلَا لِيَهْدِيَهُمْ سَبِيْلًا ﴿١٣٧﴾ ؕ
بَشِّرِ الْمُنٰفِقِيْنَ بِاَنَّ لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿١٣٨﴾ ۙ الَّذِيْنَ يَتَّخِذُوْنَ
الْكٰفِرِيْنَ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ؕ اَيَبْتَغُوْنَ عِنْدَهُمُ
الْعِزَّةَ فَاِنَّ الْعِزَّةَ لِلّٰهِ جَمِيْعًا ﴿١٣٩﴾ ؕ وَقَدْ نَزَّلَ عَلَيْكُمْ فِي الْكِتٰبِ
اَنْ اِذَا سَمِعْتُمْ اٰيٰتِ اللّٰهِ يُكْفَرُ بِهَا وَيُسْتَهْزَاُ بِهَا فَلَا تَقْعُدُوْا
مَعَهُمْ حَتّٰى يَخُوْضُوْا فِيْ حَدِيْثٍ غَيْرِهٖۤ ۖ ۚ اِنَّكُمْ اِذًا مِّثْلُهُمْ ؕ
اِنَّ اللّٰهَ جَامِعُ الْمُنٰفِقِيْنَ وَالْكٰفِرِيْنَ فِيْ جَهَنَّمَ جَمِيْعًا ﴿١٤٠﴾ ۙ

اي ايمان وارؤ! انصاف تي قائم رهندڙ الله ڪارڻ شاهدي ڏيندڙ ٿجو توڻيڪ اوهان ڪي پاڻ تي يا ماءُ پيءُ يا مٽن تي هجي، جيڪڏهن (اُهو ماڻهو جنهن تي حق ثابت ٿئي ٿو سو) آسودو هجي يا سڃو تہ الله اُنهن تي وڌيڪ مهربان آهي، پوءِ انصاف ڪرڻ ۾ سَڌن جي پٺيان نہ لڳو ۽ جيڪڏهن اوهين ورچڙائي ڳالهائيندؤ يا منهن موڙيندؤ تہ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي (١٣٥). اي ايمان وارؤ! الله کي ۽ سندس پيغمبر کي ۽ جيڪو ڪتاب پنهنجي پيغمبر تي لاٿائين ۽ جيڪو ڪتاب ڪانئس اڳ لاٿائين تنهن کي (بہ) مڃيو ۽ جيڪو الله ۽ سندس ملائڪن ۽ سندس ڪتابن ۽ سندس پيغمبرن ۽ قيامت جي ڏينهن کي نہ مڃيندو سو بيشڪ وڏي ڀل ۾ ڀُلو (١٣٦). جن ايمان آندو وري ڪفر ڪيائون وري ايمان آنـدائون وري ڪفر ڪيائون وري ڪفر ۾ وڌندا ويا تن کي الله ڪڏهن نہ بخشيندو ۽ نڪي کين ڪا واٽ ڏيکاريندو (١٣٧). (اي پيغمبر! اُنهن) منافقن کي (هيءَ) سُڌ ڏي تہ اُنهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (١٣٨). جيڪي مؤمنن کانسواءِ ڪافرن کي دوست ڪري وٺندا آهن اُنهن وٽان مانُ ڇو گهرندا آهن؟ پوءِ يقيناً هيڪاندو مانُ الله جو ئي آهي (١٣٩). ۽ بيشڪ الله اوهان تي ڪتاب ۾ (هي حڪم) لاٿو آهي تہ جڏهن (اوهين) ٻڌو تہ الله جي آيتن جو انڪار ڪيو وڃي ٿو ۽ مٿن ٺٺولي ڪئي وڃي ٿي تڏهن (اوهين) ساڻن ايسين نہ ويهو جيسين ٻي ڪنهن ڳالهہ ۾ بحث (نہ) ڪن، اوهين اُنهيءَ مهل (جي ويهندؤ تہ) اُنهن جهڙا ٿيندؤ ڇو تہ الله منافقن ۽ ڪافرن سڀني کي دوزخ ۾ گڏ ڪندڙ آهي (١۴٠).

الَّذِيْنَ يَتَرَبَّصُوْنَ بِكُمْ ۚ فَاِنْ كَانَ لَكُمْ فَتْحٌ مِّنَ اللّٰهِ قَالُوْٓا
اَلَمْ نَكُنْ مَّعَكُمْ ۖ وَاِنْ كَانَ لِلْكٰفِرِيْنَ نَصِيْبٌ ۙ قَالُوْٓا اَلَمْ
نَسْتَحْوِذْ عَلَيْكُمْ وَنَمْنَعْكُمْ مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ؕ فَاللّٰهُ يَحْكُمُ بَيْنَكُمْ
يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ وَلَنْ يَّجْعَلَ اللّٰهُ لِلْكٰفِرِيْنَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ سَبِيْلًا ﴿١٤١﴾ ع
اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ يُخٰدِعُوْنَ اللّٰهَ وَهُوَ خَادِعُهُمْ ۚ وَاِذَا قَامُوْٓا
اِلَى الصَّلٰوةِ قَامُوْا كُسَالٰى ۙ يُرَآءُوْنَ النَّاسَ وَلَا يَذْكُرُوْنَ
اللّٰهَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿١٤٢﴾ ۙ مُّذَبْذَبِيْنَ بَيْنَ ذٰلِكَ ۖ ۗ لَآ اِلٰى هٰٓؤُلَآءِ وَلَآ
اِلٰى هٰٓؤُلَآءِ ؕ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ سَبِيْلًا ﴿١٤٣﴾ يٰٓاَيُّهَا
الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوا الْكٰفِرِيْنَ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ
الْمُؤْمِنِيْنَ ؕ اَتُرِيْدُوْنَ اَنْ تَجْعَلُوْا لِلّٰهِ عَلَيْكُمْ سُلْطٰنًا مُّبِيْنًا ﴿١٤٤﴾
اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ فِى الدَّرْكِ الْاَسْفَلِ مِنَ النَّارِ ۚ وَلَنْ تَجِدَ
لَهُمْ نَصِيْرًا ﴿١٤٥﴾ ۙ اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا وَاَصْلَحُوْا وَاعْتَصَمُوْا بِاللّٰهِ
وَاَخْلَصُوْا دِيْنَهُمْ لِلّٰهِ فَاُولٰٓئِكَ مَعَ الْمُؤْمِنِيْنَ ؕ وَسَوْفَ يُؤْتِ
اللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿١٤٦﴾ مَا يَفْعَلُ اللّٰهُ بِعَذَابِكُمْ
اِنْ شَكَرْتُمْ وَاٰمَنْتُمْ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ شَاكِرًا عَلِيْمًا ﴿١٤٧﴾

اُهي (منافق) اوهان جو انتظاركيندا آهن، پوءِ جيكڏهن الله (جي پار) کان اوهان لاءِ كا سوڀ آهي ته چون ٿا ته (اسين) اوهان سان گڏ نه هئاسون ڇا؟ ۽ جيڪڏهن (سوڀ جو) ڀاڱو ڪافرن جو آهي ته ڪافرن کي چون ٿا ته اسين اوهان تي غالب نه آهيون ڇا؟ ۽ مؤمنن کان اوهان کي نه بچايوسون ڇا؟ پوءِ الله قيامت جي ڏينهن اوهان جي وچ ۾ نبيرو ڪندو ۽ الله ڪافرن لاءِ مؤمنن تي (غلبي جي ڪا) واٽ نه ڪندو (١۴١). منافق (پنهنجي پَرِ ۾) الله کي دلبو ڏيندا آهن ۽ (حقيقت ڪري) الله ڪين دلبو ڏيندڙ آهي ۽ جڏهن نماز ڏانهن اُٿندا آهن تڏهن آرسي ٿي اُٿندا آهن (رڳو) ماڻهن کي ڏيکاريندا آهن ۽ ٿورڙي کان سواءِ الله کي ياد نه ڪندا آهن (١۴٢). نه هِن ٽوليءَ ڏانهن آهن ۽ نڪي هُن ٽوليءَ ڏانهن آهن اِنهيءَ وچ ۾ حيران آهن ۽ جنهن کي الله ڀلائيندو تنهن لاءِ ڪڏهن واٽ نه لهندين (١۴٣). اي ايمان وارؤ! اوهين ڪافرن کي مؤمنن کان سواءِ دوست ڪري نه وٺو. پاڻ تي الله جو پڌرو الزام ثابت ڪرڻ گهرندا آهيو ڇا؟ (١۴۴). بيشڪ منافق باه جي هيٺين طبقي ۾ هوندا، ۽ اُنهن جو مددگار ڪوئي نه لهندين (١۴٥). پر جن توبه ڪئي ۽ پاڻ سڌاريو ۽ الله کي چنبڙي ورتو ۽ خالص الله جا حڪم مڃيا سي مؤمنن سان آهن ۽ الله مؤمنن کي وڏو اجر سگهو ڏيندو (١۴٦). جيڪڏهن (سندس نعمتون ڄاڻي) شڪر ڪندؤ ۽ ايمان آڻيندؤ ته الله اوهان کي عذاب ڇا لاءِ ڪندو؟ ۽ الله (ته) قدر سڃاڻندڙ ڄاڻندڙ آهي (١۴٧).

لَا يُحِبُّ اللّٰهُ الْجَهْرَ بِالسُّوْٓءِ مِنَ الْقَوْلِ اِلَّا مَنْ ظُلِمَ ؕ
وَ كَانَ اللّٰهُ سَمِيْعًا عَلِيْمًا ﴿١٤٨﴾ اِنْ تُبْدُوْا خَيْرًا اَوْ تُخْفُوْهُ اَوْ تَعْفُوْا
عَنْ سُوْٓءٍ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَفُوًّا قَدِيْرًا ﴿١٤٩﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْفُرُوْنَ
بِاللّٰهِ وَ رُسُلِهٖ وَ يُرِيْدُوْنَ اَنْ يُّفَرِّقُوْا بَيْنَ اللّٰهِ وَ رُسُلِهٖ
وَ يَقُوْلُوْنَ نُؤْمِنُ بِبَعْضٍ وَّ نَكْفُرُ بِبَعْضٍ ۙ وَّ يُرِيْدُوْنَ اَنْ
يَّتَّخِذُوْا بَيْنَ ذٰلِكَ سَبِيْلًا ﴿١٥٠﴾ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْكٰفِرُوْنَ حَقًّا ۚ وَ
اَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابًا مُّهِيْنًا ﴿١٥١﴾ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَ
رُسُلِهٖ وَ لَمْ يُفَرِّقُوْا بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْهُمْ اُولٰٓئِكَ سَوْفَ يُؤْتِيْهِمْ اُجُوْرَهُمْ ؕ
وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿١٥٢﴾ ع يَسْـَٔلُكَ اَهْلُ الْكِتٰبِ اَنْ تُنَزِّلَ
عَلَيْهِمْ كِتٰبًا مِّنَ السَّمَآءِ فَقَدْ سَاَلُوْا مُوْسٰٓى اَكْبَرَ مِنْ ذٰلِكَ
فَقَالُوْٓا اَرِنَا اللّٰهَ جَهْرَةً فَاَخَذَتْهُمُ الصّٰعِقَةُ بِظُلْمِهِمْ ۚ ثُمَّ
اتَّخَذُوا الْعِجْلَ مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنٰتُ فَعَفَوْنَا عَنْ
ذٰلِكَ ۚ وَ اٰتَيْنَا مُوْسٰى سُلْطٰنًا مُّبِيْنًا ﴿١٥٣﴾ وَ رَفَعْنَا فَوْقَهُمُ
الطُّوْرَ بِمِيْثَاقِهِمْ وَ قُلْنَا لَهُمُ ادْخُلُوا الْبَابَ سُجَّدًا وَّ قُلْنَا
لَهُمْ لَا تَعْدُوْا فِي السَّبْتِ وَ اَخَذْنَا مِنْهُمْ مِّيْثَاقًا غَلِيْظًا ﴿١٥٤﴾

الله مظلوم کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو (ڪنهن ڪي) وڏي سڏ (۽ ڪليل طرح) ٻڇڙو ڳالهائڻ پسند نہ ڪندو آهي ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (١۴٨).
جيڪڏهن اوهين ڪا چڱائي پڌري (طرح) ڪندا آهيو يا اُها لڪائي ڪندا آهيو يا (ڪنهن سان) مدائيءَ ڪرڻ کان ٽارو ڪندا آهيو تہ بيشڪ الله معافي ڏيندڙ وس وارو آهي (١۴٩). بيشڪ جيڪي الله ۽ سندس پيغمبرن کي نہ مڃيندا آهن ۽ الله ۽ سندس پيغمبرن جي وچ ۾ فرق ڪرڻ گهرندا آهن ۽ چوندا آهن تہ ڪن پيغمبرن کي مڃيون ٿا ۽ ڪن (پيغمبرن) کي نہ ٿا مڃيون ۽ اِنهيءَ وچ ۾ ڪا ٻي واٽ وٺڻ گهرندا آهن (١٥٠).
اهي ئي پڪ ڪافر آهن، ۽ ڪافرن لاءِ خواري ڏيندڙ عذاب تيار ڪيو اٿؤن (١٥١). ۽ جن الله ۽ سندس پيغمبرن کي مڃيو ۽ منجهانئن ڪنهن هڪ جي وچم فرق نہ ڪيو اُنهن کي الله سندن سگهو ڏيندو۔ ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (١٥٢). (اي پيغمبر!) ڪتاب وارا توکان سوال ٿا ڪن تہ آسمان کان (هڪ ئي ڀيري) مٿن ڪتاب لاهين (اُن جو خيال نہ ڪر) ڇو تہ اُن کان (بہ) وڏو موسىٰ کان سوال ڪيو هئائون جو چيائون تہ اسان کي الله (اکين سان) ڇِٽو ڏيکار.پوءِ سندن گناه سببان مٿن وڄ ڪري، وري پاڻ وٽ معجزن جي اچڻ کان پوءِ ڳابي کي (خدا ڪري) ورتائون پوءِ اُن (سندن ڏوه) کان معافي ڏني سون ۽ موسىٰ کي پڌرو غلبو ڏنوسون (١٥٣).
۽ کانئن انجام وٺڻ لاءِ سندن مٿان (جبل) طور کڙو ڪيوسون ۽ کين چيوسون تہ (شهر جي) دروازي کان سجدو ڪندڙ ٿي گهڙو ۽ کين (هيءَ بہ) فرمايوسون تہ ڇنڇر (جي ڏينهن مڇي نہ مارڻ جي حڪم ڪيل) ۾ حد کان نہ لنگهو ۽ کانئن پڪو انجام ورتوسون (١٥۴).

فَبِمَا نَقْضِهِمْ مِّيْثَاقَهُمْ وَكُفْرِهِمْ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَقَتْلِهِمُ الْاَنْۢبِيَآءَ
بِغَيْرِ حَقٍّ وَّقَوْلِهِمْ قُلُوْبُنَا غُلْفٌ ؕ بَلْ طَبَعَ اللّٰهُ عَلَيْهَا بِكُفْرِهِمْ
فَلَا يُؤْمِنُوْنَ اِلَّا قَلِيْلًا ۪ (١٥٥) وَّبِكُفْرِهِمْ وَقَوْلِهِمْ عَلٰى مَرْيَمَ بُهْتَانًا
عَظِيْمًا ۙ (١٥٦) وَّقَوْلِهِمْ اِنَّا قَتَلْنَا الْمَسِيْحَ عِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ رَسُوْلَ
اللّٰهِ ۚ وَمَا قَتَلُوْهُ وَمَا صَلَبُوْهُ وَلٰكِنْ شُبِّهَ لَهُمْ ؕ وَاِنَّ الَّذِيْنَ
اخْتَلَفُوْا فِيْهِ لَفِيْ شَكٍّ مِّنْهُ ؕ مَا لَهُمْ بِهٖ مِنْ عِلْمٍ اِلَّا اتِّبَاعَ
الظَّنِّ ۚ وَمَا قَتَلُوْهُ يَقِيْنًۢا ۙ (١٥٧) بَلْ رَّفَعَهُ اللّٰهُ اِلَيْهِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا
حَكِيْمًا (١٥٨) وَاِنْ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ اِلَّا لَيُؤْمِنَنَّ بِهٖ قَبْلَ مَوْتِهٖ ۚ
وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ يَكُوْنُ عَلَيْهِمْ شَهِيْدًا ۚ (١٥٩) فَبِظُلْمٍ مِّنَ الَّذِيْنَ هَادُوْا
حَرَّمْنَا عَلَيْهِمْ طَيِّبٰتٍ اُحِلَّتْ لَهُمْ وَبِصَدِّهِمْ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ
كَثِيْرًا ۙ (١٦٠) وَّاَخْذِهِمُ الرِّبٰوا وَقَدْ نُهُوْا عَنْهُ وَاَكْلِهِمْ اَمْوَالَ النَّاسِ
بِالْبَاطِلِ ؕ وَاَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ مِنْهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا (١٦١) لٰكِنِ
الرّٰسِخُوْنَ فِي الْعِلْمِ مِنْهُمْ وَالْمُؤْمِنُوْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِمَاۤ اُنْزِلَ اِلَيْكَ
وَمَاۤ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلِكَ وَالْمُقِيْمِيْنَ الصَّلٰوةَ وَالْمُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَ
الْمُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ اُولٰٓئِكَ سَنُؤْتِيْهِمْ اَجْرًا عَظِيْمًا ۧ (١٦٢)

پوءِ سندن انجام پـجڻ ۽ الله جي آيتن کي سندن نہ مڃڻ ۽ پيغمبرن کي سندن ناحق مارڻ (سببان سزا جوڳا ٿيا) ۽ سندن (اِنهيءَ) چوڻ سببان تہ اسان جون دليون ڍڪيل آهن (نہ!) بلڪ الله سندن ڪفر سببان مٿن مُهر هنئي آهي تنهن ڪري ٿورن کان سواءِ ايمان نہ آڻيندا (١٥٥). ۽ سندن ڪفر سببان ۽ مريم تي سندن وڏي بهتان چوڻ سببان (١٥٦). ۽ سندن هن چوڻ سببان تہ الله جي پيغمبر مسيح عيسىٰ پٽ مريم جي کي ڪُنو اٿؤن حالانڪ نڪي کيس ڪُٺائون ۽ نڪي کيس سوري تي چاڙهيائون پر اُنهن کي شُبهي ۾ وڌو ويو آهي ۽ جن اُن بابت تڪرار ڪيو سي ڪانئس شڪ ۾ آهن- گمان کان سواءِ کين اُن جي ڪا پڪي ڄاڻپ نہ آهي- ۽ پڪ سان کيس نہ ڪُٺو اٿن (١٥٧). بلڪ الله کيس پاڻ ڏانهن مٿي کڻي ورتو ۽ الله غالب حڪمت وارو آهي (١٥٨). ۽ ڪتاب وارن مان ڪوئي نہ رهندو پر سندس موت کان اڳ (سيئي) مٿس ضرور ايمان آڻيندا ۽ قيامت جي ڏينهن (عيسىٰ) مٿن شاهد هوندو (١٥٩). پوءِ يهودين جي ظلم سببان (گهڻيون) سُٺيون شيون جي اُنهن لاءِ حلال ڪيل هيون سي مٿن حرام ڪيون سون ۽ (پڻ) گهڻن (ماڻهن) کي الله جي واٽ کان سندن جهلڻ سببان (١٦٠). ۽ پڻ سندن وياج وٺڻ سببان جو بيشڪ ڪانئس جهليا (بہ) ويا هئا ۽ (پڻ) ماڻهن جي مالن کي سندن ناحق کائڻ سببان (گهڻيون حلال شيون مٿن حرام ڪيون ويون) ۽ اُنهن مان ڪافرن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيو اٿؤن (١٦١). پر منجهانئن علم ۾ پڪا ۽ مؤمن، جيڪي توڏانهن نازل ڪيو ويو تنهن کي ۽ جيڪي توکان اڳ نازل ڪيو ويو تنهن کي مڃيندا آهن ۽ نماز پڙهندڙ ۽ زڪواة ڏيندڙ ۽ الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندڙ آهن- اِنهن کي سگهوئي وڏو اجر ڏينداسون (١٦٢).

إِنَّآ أَوْحَيْنَآ إِلَيْكَ كَمَآ أَوْحَيْنَآ إِلٰى نُوْحٍ وَّالنَّبِيّٖنَ مِنْۢ بَعْدِهٖ ۚ
وَأَوْحَيْنَآ إِلٰٓى إِبْرٰهِيْمَ وَإِسْمٰعِيْلَ وَإِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ
وَالْأَسْبَاطِ وَعِيْسٰى وَأَيُّوْبَ وَيُوْنُسَ وَهٰرُوْنَ وَسُلَيْمٰنَ ۚ
وَاٰتَيْنَا دَاوٗدَ زَبُوْرًا ﴿١٦٣﴾ وَرُسُلًا قَدْ قَصَصْنٰهُمْ عَلَيْكَ مِنْ
قَبْلُ وَرُسُلًا لَّمْ نَقْصُصْهُمْ عَلَيْكَ ط وَكَلَّمَ اللّٰهُ مُوْسٰى
تَكْلِيْمًا ﴿١٦٤﴾ رُسُلًا مُّبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ لِئَلَّا يَكُوْنَ لِلنَّاسِ
عَلَى اللّٰهِ حُجَّةٌۢ بَعْدَ الرُّسُلِ ط وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ﴿١٦٥﴾
لٰكِنِ اللّٰهُ يَشْهَدُ بِمَآ أَنْزَلَ إِلَيْكَ أَنْزَلَهٗ بِعِلْمِهٖ ۚ وَالْمَلٰٓئِكَةُ
يَشْهَدُوْنَ ط وَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا ﴿١٦٦﴾ إِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ
صَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ قَدْ ضَلُّوْا ضَلٰلًا بَعِيْدًا ﴿١٦٧﴾ إِنَّ
الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَظَلَمُوْا لَمْ يَكُنِ اللّٰهُ لِيَغْفِرَ لَهُمْ وَلَا لِيَهْدِيَهُمْ
طَرِيْقًا ﴿١٦٨﴾ إِلَّا طَرِيْقَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ أَبَدًا ط وَكَانَ ذٰلِكَ
عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرًا ﴿١٦٩﴾ يٰٓأَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمُ الرَّسُوْلُ بِالْحَقِّ
مِنْ رَّبِّكُمْ فَاٰمِنُوْا خَيْرًا لَّكُمْ ط وَإِنْ تَكْفُرُوْا فَإِنَّ لِلّٰهِ مَا فِي
السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضِ ط وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿١٧٠﴾

اسان توڏانهن (اهڙيءَ طرح) وحي ڪيو جهڙيءَ طرح نوح ڏانهن ۽ ڪانئس پوءِ (ٻين) پيغمبرن ڏانهن وحي ڪيو هوسون ۽ ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ يعقوب جي اولاد ۽ عيسيٰ ۽ ايوب ۽ يونس ۽ هارون ۽ سليمان ڏانهن وحي ڪيوسون ۽ دائود کي زبور ڏنوسون (١٦٣). ۽ ٻيا (گهڻا) پيغمبر آهن جن جو هن کان اڳ توکي بيان ٻڌايوسون ۽ (ٻيا گهڻا) پيغمبر آهن جن جو بيان توکي نه ٻڌايوسون ۽ الله موسيٰ سان گفتگو ڪئي (١٦۴). پيغمبر خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ هن لاءِ آهن ته پيغمبرن (جي اچڻ) کان پوءِ ماڻهن جي ڪا حجت الله تي نه رهي ۽ الله غالب حڪمت وارو آهي (١٦٥). پر الله جيڪو (ڪتاب) توڏانهن لاٿو آهي تنهن لاءِ (پاڻ) شاهدي ٿو ڏئي ته اُهو پنهنجي علم سان نازل ڪيو اٿس ۽ ملائڪ به شاهدي ٿا ڏين ۽ الله گواه ڪافي آهي (١٦٦). جن انڪار ڪيو ۽ الله جي واٽ کان (ماڻهن کي) جهليو سي بيشڪ وڏي ڀُل ۾ ڀُلا (١٦٧). بيشڪ جن انڪار ڪيو ۽ ظلم ڪندا رهيا ته الله (اهڙو) نه آهي جو کين بخشي ۽ نڪي (اهڙو) آهي جو کين (ٻي) ڪا (سڌي) واٽ ڏيکاري (١٦٨). دوزخ جي واٽ کان سواءِ- منجهس سدائين رهڻ وارا آهن ۽ اِهو الله تي سهنجو آهي (١٦٩). اي انسانؤ! اوهان جي پالڻهار وٽان پيغمبر (محمد ﷺ) اوهان وٽ سچ وٺي آيو آهي تنهن ڪري مٿس ايمان آڻيو جو اوهان لاءِ چڱو آهي ۽ جيڪڏهن نه مڃيندؤ (ته اوهان جو نقصان آهي) ڇو ته جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو الله جو آهي ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (١٧٠).

يٰۤاَهۡلَ الۡكِتٰبِ لَا تَغۡلُوۡا فِىۡ دِيۡـنِكُمۡ وَلَا تَقُوۡلُوۡا عَلَى اللّٰهِ
اِلَّا الۡحَـقَّ‌ؕ اِنَّمَا الۡمَسِيۡحُ عِيۡسَى ابۡنُ مَرۡيَمَ رَسُوۡلُ اللّٰهِ وَكَلِمَتُهٗ‌ ۚ
اَ لۡقٰهَاۤ اِلٰى مَرۡيَمَ وَرُوۡحٌ مِّنۡهُ‌ فَاٰمِنُوۡا بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖ‌ ۚ وَلَا
تَقُوۡلُوۡا ثَلٰثَةٌ‌ ؕ اِنْتَهُوۡا خَيۡرًا لَّـكُمۡ‌ ؕ اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰـهٌ وَّاحِدٌ‌ ؕ
سُبۡحٰنَهٗۤ اَنۡ يَّكُوۡنَ لَهٗ وَلَدٌ‌ ۘ لَهٗ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى
الۡاَرۡضِ‌ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيۡلًا ۝١٧١ لَنۡ يَّسۡتَنۡكِفَ الۡمَسِيۡحُ اَنۡ
يَّكُوۡنَ عَبۡدًا لِّلّٰهِ وَلَا الۡمَلٰٓـئِكَةُ الۡمُقَرَّبُوۡنَ‌ ؕ وَمَنۡ يَّسۡتَنۡكِفۡ
عَنۡ عِبَادَتِهٖ وَيَسۡتَكۡبِرۡ فَسَيَحۡشُرُهُمۡ اِلَيۡهِ جَمِيۡعًا ۝١٧٢ فَاَمَّا
الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَيُوَفِّيۡهِمۡ اُجُوۡرَهُمۡ وَ
يَزِيۡدُهُمۡ مِّنۡ فَضۡلِهٖ‌ ۚ وَاَمَّا الَّذِيۡنَ اسۡتَنۡكَفُوۡا وَاسۡتَكۡبَرُوۡا
فَيُعَذِّبُهُمۡ عَذَابًا اَلِيۡمًا ۙ وَّلَا يَجِدُوۡنَ لَهُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ
وَلِيًّا وَّلَا نَصِيۡرًا ۝١٧٣ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ قَدۡ جَآءَكُمۡ بُرۡهَانٌ
مِّنۡ رَّبِّكُمۡ وَاَنۡزَلۡنَاۤ اِلَيۡكُمۡ نُوۡرًا مُّبِيۡنًا ۝١٧٤ فَاَمَّا الَّذِيۡنَ
اٰمَنُوۡا بِاللّٰهِ وَاعۡتَصَمُوۡا بِهٖ فَسَيُدۡخِلُهُمۡ فِىۡ رَحۡمَةٍ
مِّنۡهُ وَفَضۡلٍ ۙ وَّيَهۡدِيۡهِمۡ اِلَيۡهِ صِرَاطًا مُّسۡتَقِيۡمًا ؕ ۝١٧٥

اي ڪتاب وارؤ! پنهنجي دين ۾ حد ڪان نہ لنگهو ۽ نڪي سچ کان سواءِ
الله تي (ڪجھ ٻيو) چئو. عيسيٰ پٽ مريم جو الله جو پيغمبر ۽ سندس
(خاص) حڪم (سان پيدا ڪيل) آهي، اُهو مريم ڏانهن هَلايائين ۽ سندس
پار کان هڪ روح آهي تنهن ڪري الله ۽ سندس پيغمبرن کي مڃيو ۽
(اوهين) ٽي (خدا) نہ چئو- (اهڙي چوڻ کان پاڻ کي) جهليو (اهو) اوهان
لاءِ ڀلو آهي، رڳو هڪ الله ڪان سواءِ ڪو عبادت جو لائق نہ آهي- پُٽن
جي هجڻ کان اُهو پاڪ آهي- جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾
آهي سو اُن جو آهي ۽ الله سنڀاليندڙ ڪافي آهي (١٧١). عيسيٰ الله جي
ٻانهي هجڻ کان ننهن عار نہ ڪندو آهي ۽ نڪي مقرب ملائڪ- ۽ جيڪو
سندس ٻانهپ کان عار ڪندو ۽ وڏائي ڪندو تن سڀني کي (الله )پاڻ وٽ
سگهوئي گڏ ڪندو (١٧٢). پوءِ جن ايمان آندو آهي ۽ چڱا ڪم ڪيا
آهن تن کي سندن اُجر پورو ڏيندو ۽ (بلڪ) پنهنجي فضل سان کين وڌيڪ
ڏيندو ۽ جن (ٻانهي هجڻ کان) عار ڪيو ۽ وڏائي ڪئي تن کي ڏکوئيندڙ
عذاب جي سزا ڏيندو ۽ الله کان سواءِ پنهنجو نڪو سنڀاليندڙ ۽ نڪو
مددگار لهندا (١٧٣). اي انسانؤ! بيشڪ اوهان وٽ اوهان جي پالڻهار
کان هڪ پڪي سَندَ آئي آهي ۽ اوهان ڏانهن چِٽو سوجهرو (قرآن) لاٿو
سون (١٧۴). پوءِ جن الله کي مڃيو ۽ کيس چنبڙي ورتو تن کي پنهنجي
ٻاران ٻاجھ ۽ فضل هيٺ سگهو داخل ڪندو ۽ پاڻ ڏانهن کين سڌو رستو
ڏيکاريندو (١٧٥).

يَسْتَفْتُوْنَكَ ؕ قُلِ اللّٰهُ يُفْتِيْكُمْ فِى الْكَلٰلَةِ ؕ اِنِ امْرُؤٌا هَلَكَ
لَيْسَ لَهٗ وَلَدٌ وَّلَهٗۤ اُخْتٌ فَلَهَا نِصْفُ مَا تَرَكَ ۚ وَهُوَ يَرِثُهَاۤ
اِنْ لَّمْ يَكُنْ لَّهَا وَلَدٌ ؕ فَاِنْ كَانَتَا اثْنَتَيْنِ فَلَهُمَا الثُّلُثٰنِ مِمَّا
تَرَكَ ؕ وَاِنْ كَانُوْۤا اِخْوَةً رِّجَالًا وَّنِسَآءً فَلِلذَّكَرِ مِثْلُ حَظِّ
الْاُنْثَيَيْنِ ؕ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اَنْ تَضِلُّوْا ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَىْءٍ عَلِيْمٌ ﴿١٧٦﴾ ع

## سُوْرَةُ الْمَآئِدَةِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَوْفُوْا بِالْعُقُوْدِ ؕ اُحِلَّتْ لَكُمْ بَهِيْمَةُ
الْاَنْعَامِ اِلَّا مَا يُتْلٰى عَلَيْكُمْ غَيْرَ مُحِلِّى الصَّيْدِ وَاَنْتُمْ حُرُمٌ ؕ اِنَّ اللّٰهَ
يَحْكُمُ مَا يُرِيْدُ ﴿١﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُحِلُّوْا شَعَآئِرَ اللّٰهِ وَلَا
الشَّهْرَ الْحَرَامَ وَلَا الْهَدْىَ وَلَا الْقَلَآئِدَ وَلَاۤ اٰمِّيْنَ الْبَيْتَ الْحَرَامَ
يَبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنْ رَّبِّهِمْ وَرِضْوَانًا ؕ وَاِذَا حَلَلْتُمْ فَاصْطَادُوْا ؕ
وَلَا يَجْرِمَنَّكُمْ شَنَاٰنُ قَوْمٍ اَنْ صَدُّوْكُمْ عَنِ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ اَنْ
تَعْتَدُوْا ۘ وَتَعَاوَنُوْا عَلَى الْبِرِّ وَالتَّقْوٰى ۪ وَلَا تَعَاوَنُوْا عَلَى الْاِثْمِ
وَالْعُدْوَانِ ۪ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٢﴾

(اي پيغمبر! جنهن کي اولاد ۽ ماءُ پيءُ نہ هجي تنهن جي ميراث بابت) توکان پڇن ٿا چؤ تہ الله اهڙي ڪلالہ (جي ميراث) بابت اوهان کي فتويٰ ٿو ڏئي- جيڪڏهن (ڪو اهڙو) مرد مري جنهن کي ڪو اولاد نہ اهي (۽ نہ ماءُ پيءُ) ۽ کيس هڪ ڀيڻ آهي تہ جيڪي ڇڏيائين تنهن جو اڌ اُن لاءِ آهي، ۽ (جيڪڏهن اهڙي ڪا عورت مري وڃي ۽ ڀاءُ جيئرو اٿس تہ) ڀاءُ سندس وارث آهي سو تڏهن جو کيس ڪو اولاد نہ هجي- پوءِ جيڪڏهن ٻہ ڀينر هجن تہ جيڪي ڇڏيائين تنهن مان ٻنهي لاءِ ٻہ ٽهايون آهن ۽ جيڪڏهن (وارث) ڀينرون ۽ ڀائر هجن تہ مڙس (يعني ڀاءُ) لاءِ ٻن عورتن (ڀينرن) جي حصي جيترو آهي- الله اوهان لاءِ بيان ڪندو آهي تہ متان (اوهين) گمراه ٿيو ۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ کی ڄاڻندڙ آهی (١٧٦) .

سورة مائده مدني آهي ۽ هيءَ هڪ سؤ
ويہ آيتون ۽ سورهن رکوع آهي.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اي ايمان وارؤ! (پنهنجن) انجامن کي پاڙيو- جيڪي اوهان تي پڙهبو تنهن کان سواءِ (ٻيا) چوپايا ڍور اوهان لاءِ حلال ڪيا ويا آهن پر اوهين احرام وارا ٿي شڪار کي حلال سمجهندڙ نہ ٿيو- ڇو تہ الله جيڪي گهرندو آهي سو حڪم ڪندو آهي (١) . اي ايمان وارؤ! (اوهين) نڪي الله جي عبادت جي نشانين جي بي تعظيمي ڪريو ۽ نڪي تعظيم واري مهيني جي ۽ نڪي (ڪعبي ڏانهن موڪليل) قربانيءَ (جي جانور) جي ۽ نڪي قلائد (الله لاءِ نذر ڪيلن جانورن جي ڳچين ۾ ٻڌلن پٽن) جي ۽ نڪي اُنهن ماڻهن جي (بي تعظيمي ڪريو) جيڪي پنهنجي پالڻهار جو فضل ۽ رضامندي گهرندڙ ٿي تعظيم واري گهر (بيت الله) ڏانهن پيا وڃن ، ۽ جڏهن اوهين احرام کوليو تڏهن (ڀَلي) شڪار ڪريو ۽ اوهان کي اُنهن ماڻهن جي دشمني جن اوهان کي تعظيم واري مسجد (حرام) کان جهليو هن ڳالهہ جو سبب نہ ٿئي جو (اوهين) حد کان لنگهو- ۽ چڱائيءَ ۽ پرهيزگاريءَ تي هڪٻئي سان تعاون ڪريو ۽ گناه ۽ زيادتي تي هڪ ٻئي سان تعاون نہ ڪريو ۽ الله کان ڊڄو ڇو تہ الله سخت عذاب ڪرڻ وارو اهي (٢) .

حُرِّمَتْ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةُ وَالدَّمُ وَلَحْمُ الْخِنْزِيْرِ وَمَآ اُهِلَّ لِغَيْرِ
اللّٰهِ بِهٖ وَالْمُنْخَنِقَةُ وَالْمَوْقُوْذَةُ وَالْمُتَرَدِّيَةُ وَالنَّطِيْحَةُ وَمَآ
اَكَلَ السَّبُعُ اِلَّا مَا ذَكَّيْتُمْ ۟ وَمَا ذُبِحَ عَلَى النُّصُبِ وَاَنْ تَسْتَقْسِمُوْا
بِالْاَزْلَامِ ؕ ذٰلِكُمْ فِسْقٌ ؕ اَلْيَوْمَ يَىِٕسَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ دِيْنِكُمْ
فَلَا تَخْشَوْهُمْ وَاخْشَوْنِ ؕ اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ
عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ وَرَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا ؕ فَمَنِ اضْطُرَّ فِيْ
مَخْمَصَةٍ غَيْرَ مُتَجَانِفٍ لِّاِثْمٍ ۙ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۳﴾ يَسْــَٔلُوْنَكَ
مَاذَآ اُحِلَّ لَهُمْ ؕ قُلْ اُحِلَّ لَكُمُ الطَّيِّبٰتُ ۙ وَمَا عَلَّمْتُمْ مِّنَ الْجَوَارِحِ
مُكَلِّبِيْنَ تُعَلِّمُوْنَهُنَّ مِمَّا عَلَّمَكُمُ اللّٰهُ ۫ فَكُلُوْا مِمَّآ اَمْسَكْنَ عَلَيْكُمْ
وَاذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ عَلَيْهِ ۪ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿۴﴾
اَلْيَوْمَ اُحِلَّ لَكُمُ الطَّيِّبٰتُ ؕ وَطَعَامُ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ حِلٌّ
لَّكُمْ ۪ وَطَعَامُكُمْ حِلٌّ لَّهُمْ ۫ وَالْمُحْصَنٰتُ مِنَ الْمُؤْمِنٰتِ وَالْمُحْصَنٰتُ
مِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ اِذَآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ
مُحْصِنِيْنَ غَيْرَ مُسٰفِحِيْنَ وَلَا مُتَّخِذِيْٓ اَخْدَانٍ ؕ وَمَنْ يَّكْفُرْ
بِالْاِيْمَانِ فَقَدْ حَبِطَ عَمَلُهٗ ۫ وَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۵﴾ ع

اوهان تي حرام ڪجي ٿو مُئل جانور ۽ (سير جو) رت ۽ سوئر جو ماس ۽ جنهن شيءِ کي الله جي نالي کان سواءِ ٻئي جي نالي سان سڏيو وَڃي (يعني الله کان سواءِ ٻئي جي نالي ميجتا ڪيل هجي) ۽ گهٽو ڏيئي ماريل ۽ ڌڪ سان مئل ۽ ڪِرڻ سان مئل ۽ ڍور جي اُڪل سان مئل (حرام ڪجي ٿو) ۽ جيڪو (جانور ڪنهن) ڦاڙيندڙ ڪاڌو (سو به) پر جنهن کي (مرڻ کان اڳ) ذبح ڪيؤ (سو حرام نه آهي) ۽ جو (جانور) آستانن تي ذبح ڪجي (سو به حرام ڪجي ٿو) ۽ اوهان جو تيرن سان وراهڻ (به)۔ اِهي (مڙئي) گناه جا ڪم آهن۔ اَڄ ڪافر اوهان جي دين کان نااُميد ٿيا تنهن ڪري کائن نه ڊڄو ۽ مون کان ڊڄو۔ اڄ اوهان جو دين اوهان لاءِ ڪامل ڪيم ۽ اوهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪيم ۽ اوهان لاءِ دين اسلام پسند ڪيم پوءِ جيڪو گناه ڏانهن نه لاڙو ڪندڙ ٿي بک ۾ لاچار ٿئي (۽ مٿين حرام شين مان ڪجھ کائي ته روا آهي) ڇو ته الله بخشڻهار مهربان آهي (٣). (اي پيغمبر!) توکان پڇن ٿا ته اُنهن لاءِ ڪهڙيون شيون حلال ڪيون ويون آهن۔ چؤ ته اوهان لاءِ (سڀ) سُٺيون (شيون) حلال ڪيون ويون آهن ۽ (اُهو شڪار به حلال آهي) جيڪي شڪاري جانورن کي شڪار سيکاريندڙ ٿي (اوهان) سيکاريو آهي (يعني) جيڪي الله (شڪار ڪرڻ جو دستور) اوهان کي سيکاريو تنهن مان انهن کي سيکاريو هجي ته جيڪو (شڪار اُهي) اوهان لاءِ جهلين تنهن مان کائو ۽ اُن (جانور کي ڇڏڻ مهل) تي الله جو نالو (يعني بسم الله الله اڪبر) چئو ۽ الله کان ڊڄو ڇو ته الله سگهو حساب وٺندڙ آهي (۴). اڄ اوهان لاءِ سُٺيون شيون حلال ڪيون ويون آهن۔ ۽ ڪتاب وارن جو طعام (به) اوهان لاءِ حلال آهي ۽ اوهان جو طعام اُنهن لاءِ حلال آهي ۽ (پڻ) پاڪ دامنيون مؤمنياڻيون ۽ جن کي اوهان کان اڳ ڪتاب ڏنو ويو تن مان پاڪ دامنيون جڏهن پرڻو ڪندڙ۔ نه زنا ڪندڙ ۽ نه ڳجهي آشنائي رکندڙ۔ تي ڪين سندن ڪابين ڏيو (ته حلال ڪيون ويون) ۽ جيڪو ايمان (يعني انهن حڪمن مڃڻ) جو انڪار ڪندو تنهن جو ڪيو ڪمايو بيشڪ ناس ٿي ويو ۽ اُهو آخرت ۾ خساري وارن مان آهي (٥).

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِذَا قُمۡتُمۡ اِلَى الصَّلٰوةِ فَاغۡسِلُوۡا
وُجُوۡهَكُمۡ وَاَيۡدِيَكُمۡ اِلَى الۡمَرَافِقِ وَامۡسَحُوۡا بِرُءُوۡسِكُمۡ وَاَرۡجُلَكُمۡ
اِلَى الۡـكَعۡبَيۡنِ‌ ؕ وَاِنۡ كُنۡتُمۡ جُنُبًا فَاطَّهَّرُوۡا‌ ؕ وَاِنۡ كُنۡتُمۡ
مَّرۡضٰۤى اَوۡ عَلٰى سَفَرٍ اَوۡ جَآءَ اَحَدٌ مِّنۡكُمۡ مِّنَ الۡغَآٮِٕطِ
اَوۡ لٰمَسۡتُمُ النِّسَآءَ فَلَمۡ تَجِدُوۡا مَآءً فَتَيَمَّمُوۡا صَعِيۡدًا
طَيِّبًا فَامۡسَحُوۡا بِوُجُوۡهِكُمۡ وَاَيۡدِيۡكُمۡ مِّنۡهُ‌ ؕ مَا يُرِيۡدُ اللّٰهُ
لِيَجۡعَلَ عَلَيۡكُمۡ مِّنۡ حَرَجٍ وَّلٰـكِنۡ يُّرِيۡدُ لِيُطَهِّرَكُمۡ وَ
لِيُتِمَّ نِعۡمَتَهٗ عَلَيۡكُمۡ لَعَلَّكُمۡ تَشۡكُرُوۡنَ ﴿۶﴾ وَاذۡكُرُوۡا
نِعۡمَةَ اللّٰهِ عَلَيۡكُمۡ وَمِيۡثَاقَهُ الَّذِىۡ وَاثَقَكُمۡ بِهٖۤ ۙ اِذۡ
قُلۡتُمۡ سَمِعۡنَا وَاَطَعۡنَا‌ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ‌ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيۡمٌۢ بِذَاتِ
الصُّدُوۡرِ ﴿۷﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا كُوۡنُوۡا قَوّٰمِيۡنَ لِلّٰهِ
شُهَدَآءَ بِالۡقِسۡطِ‌ ۚ وَلَا يَجۡرِمَنَّكُمۡ شَنَاٰنُ قَوۡمٍ عَلٰٓى
اَلَّا تَعۡدِلُوۡا‌ ؕ اِعۡدِلُوۡا هُوَ اَقۡرَبُ لِلتَّقۡوٰى‌ ۚ وَاتَّقُوا
اللّٰهَ‌ ؕ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيۡرٌۢ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ ﴿۸﴾ وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيۡنَ
اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ‌ ۙ لَهُمۡ مَّغۡفِرَةٌ وَّاَجۡرٌ عَظِيۡمٌ ﴿۹﴾

اي ايمان وارؤ! جڏهن اوهين نماز لاءِ اُٿو تڏهن پنهنجن مُنهن کي ۽ پنهنجن هٿن کي ٺونٺين تائين ڌوئو ۽ پنهنجن مٿن کي مسح ڪريو ۽ پنهنجن پيرن کي پيڏين تائين (ڌوئو)- ۽ جيڪڏهن اوهين جُنُبي (يعني مٿي ميرا) هجو ته پاڪ ٿيو (يعني تڙ ڪريو)- ۽ جيڪڏهن بيمار هجو يا مسافريءَ تي (هجو) يا اوهان منجهان ڪوئي پائخاني مان اچي يا اوهين زالن کي ويجها ويا هجو پوءِ اوهين پاڻي نه لهو ته پاڪ مٽيءَ سان تيمم ڪريو پوءِ پنهنجن منهن کي ۽ پنهنجن هٿن کي منجهانئس مسح ڪريو ۽ الله اوهان تي ڪا تنگي نه گهرندو آهي پر گهرندو آهي ته اوهان کي پاڪ ڪري ۽ اوهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪري ته مانَ اوهين شڪرانو ڪريو (٦). ۽ الله جي نعمت جا اوهان تي آهي سا ياد ڪريو ۽ سندس اُهو انجام جيڪو اوهان سان پڪيءَ طرح ڪيائين تنهن کي (به ياد ڪريو) جڏهن اوهان چيو ته ٻڌوسون ۽ مڃيوسون (تڏهن وري نه ڦرو) ۽ الله کان ڊڄو- ڇو ته الله سينن وارو (ڀيد) ڄاڻندڙ آهي (٧). اي ايمان وارؤ! الله لڳ بيهڪ ونندڙ ٿي انصاف سان شاهدي ڏيندڙ ٿيو ۽ ڪنهن قوم جي دشمني اوهان کي اوهان جي بي انصافي ڪرڻ تي نه ڇڪي- انصاف ڪريو، اُهو پرهيزگاري کي ڏاڍو ويجهو آهي ۽ الله کان ڊڄو- ڇو ته جيڪي اوهين ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي (٨). جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن سان الله وعدو ڪيو آهي ته اُنهن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي (٩).

وَالَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا وَكَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَاۤ اُولٰٓـئِكَ اَصۡحٰبُ
الۡجَحِيۡمِ ﴿١٠﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اذۡكُرُوۡا نِعۡمَتَ اللّٰهِ
عَلَيۡكُمۡ اِذۡ هَمَّ قَوۡمٌ اَنۡ يَّبۡسُطُوۡۤا اِلَيۡكُمۡ اَيۡدِيَهُمۡ
فَكَفَّ اَيۡدِيَهُمۡ عَنۡكُمۡ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ وَعَلَى اللّٰهِ فَلۡيَتَوَكَّلِ
الۡمُؤۡمِنُوۡنَ ﴿١١﴾ ع وَلَقَدۡ اَخَذَ اللّٰهُ مِيۡثَاقَ بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ ۚ
وَبَعَثۡنَا مِنۡهُمُ اثۡنَىۡ عَشَرَ نَقِيۡبًا ؕ وَقَالَ اللّٰهُ اِنِّىۡ مَعَكُمۡ ؕ
لَـئِنۡ اَقَمۡتُمُ الصَّلٰوةَ وَاٰتَيۡتُمُ الزَّكٰوةَ وَاٰمَنۡتُمۡ
بِرُسُلِىۡ وَعَزَّرۡتُمُوۡهُمۡ وَاَقۡرَضۡتُمُ اللّٰهَ قَرۡضًا حَسَنًا
لَّاُكَفِّرَنَّ عَنۡكُمۡ سَيِّاٰتِكُمۡ وَلَاُدۡخِلَـنَّكُمۡ جَنّٰتٍ تَجۡرِىۡ
مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ ۚ فَمَنۡ كَفَرَ بَعۡدَ ذٰ لِكَ مِنۡكُمۡ
فَقَدۡ ضَلَّ سَوَآءَ السَّبِيۡلِ ﴿١٢﴾ فَبِمَا نَقۡضِهِمۡ مِّيۡثَاقَهُمۡ
لَعَنّٰهُمۡ وَجَعَلۡنَا قُلُوۡبَهُمۡ قٰسِيَةً ۚ يُحَرِّفُوۡنَ الۡـكَلِمَ
عَنۡ مَّوَاضِعِهٖ ۙ وَنَسُوۡا حَظًّا مِّمَّا ذُكِّرُوۡا بِهٖ ۚ وَلَا تَزَالُ
تَطَّلِعُ عَلٰى خَآئِنَةٍ مِّنۡهُمۡ اِلَّا قَلِيۡلًا مِّنۡهُمۡ
فَاعۡفُ عَنۡهُمۡ وَاصۡفَحۡ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿١٣﴾

۽ جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڀانيو اُهي دوزخي آهن (١٠). اي ايمان وارؤ! الله جي نعمت جا اوهان تي آهي سا ياد ڪريو جڏهن هڪ قوم پنهنجن هٿن کي اوهان ڏانهن (ويڙهه لاءِ) ڊگهي ڪرڻ جو ارادو ڪيو تڏهن سندن هَٿَ اوهان کان جهليائين ۽ الله کان ڊڄو ۽ مؤمنن کي الله تي ئي ڀروسو ڪرڻ جڳائي (١١). ۽ الله بني اسرائيل کان بيشڪ انجام ورتو ۽ منجهن ٻارهن سردار مقرر ڪياسون ۽ الله چيو ته بيشڪ آءٌ اوهان سان ساڻ آهيان. جيڪڏهن نماز پڙهيوَ ۽ زڪواة ڏنوَ ۽ منهنجن پيغمبرن کي مڃيوَ ۽ کين مدد ڪيوَ ۽ الله کي چڱو قرض ڏنوَ ته اوهان جون مدايون اوهان کان ضرور ميٽيندس ۽ اوهان کي اهڙن باغن ۾ ضرور داخل ڪندس جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن، سو وري هن کان پوءِ اوهان مان جيڪو ڪافر ٿيندو سو بيشڪ سڌيءَ واٽ کان ڀُلو (١٢). پوءِ سندن انجام ڀڃڻ سببان مٿن لعنت ڪئي سون ۽ سندين دلين کي سخت ڪيوسون، (اُهي توريت ۾ ڪن) لفظن کي پنهنجين جاين کان بدلائين ٿا ۽ جيڪا نصيحت ڪئي ويئي هين تنهن مان ڪجهه حصو وساريائون ۽ منجهانئن ٿورڙن کان سواءِ اُنهن (سيني) جي (هڪ نه ٻيءَ) خيانت تي هميشه واقف ٿيندو رهندين تنهنڪري کين معاف ڪر ۽ مُڙي وڃ. ڇو ته الله ڀلارن کي دوست رکندو آهي (١٣).

وَمِنَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّا نَصٰرٰٓى اَخَذْنَا مِيْثَاقَهُمْ
فَنَسُوْا حَظًّا مِّمَّا ذُكِّرُوْا بِهٖ ۖ فَاَغْرَيْنَا بَيْنَهُمُ
الْعَدَاوَةَ وَالْبَغْضَآءَ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ ؕ وَسَوْفَ
يُنَبِّئُهُمُ اللّٰهُ بِمَا كَانُوْا يَصْنَعُوْنَ ﴿١٤﴾ يٰٓاَهْلَ
الْكِتٰبِ قَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلُنَا يُبَيِّنُ لَكُمْ كَثِيْرًا
مِّمَّا كُنْتُمْ تُخْفُوْنَ مِنَ الْكِتٰبِ وَيَعْفُوْا عَنْ
كَثِيْرٍ ؕ قَدْ جَآءَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ نُوْرٌ وَّكِتٰبٌ
مُّبِيْنٌ ﴿١٥﴾ يَّهْدِيْ بِهِ اللّٰهُ مَنِ اتَّبَعَ رِضْوَانَهٗ
سُبُلَ السَّلٰمِ وَيُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ
بِاِذْنِهٖ وَيَهْدِيْهِمْ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿١٦﴾ لَقَدْ
كَفَرَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْمَسِيْحُ ابْنُ مَرْيَمَ ؕ
قُلْ فَمَنْ يَّمْلِكُ مِنَ اللّٰهِ شَيْئًا اِنْ اَرَادَ اَنْ يُّهْلِكَ
الْمَسِيْحَ ابْنَ مَرْيَمَ وَاُمَّهٗ وَمَنْ فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا ؕ
وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ؕ يَخْلُقُ
مَا يَشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٧﴾

۽ جيڪي چون ٿا تہ اسين نصاريٰ آهيون تن کان (بہ) سندن انجام ورتوسون پوءِ جيڪا نصيحت ڪئي ويئي هين تنهن مان (ڪجھ) ياڳو وساريائون اِنهي ڪري سندن وچ ۾ دشمني ۽ ساڙ قيامت جي ڏينهن تائين وڌوسون ۽ جيڪي ڪندا آهن تنهن جي الله ڪين سگهو سُڌ ڏيندو (١۴). اي ڪتاب وارؤ! بيشڪ اسان جو پيغمبر (محمد ﷺ) اوهان وٽ آيو اوهين (الله جي) ڪتاب مان جيڪي لڪائيندا هيؤ تن مان گهڻيون (ڳالهيون) اوهان کي بيان ڪري ٿو ۽ گهڻين (ڳالهين) کان ٽارو ڪري ٿو. بيشڪ اوهان وٽ الله وٽان نور ۽ پڌرو ڪتاب (قرآن) آيو آهي (١٥). اُنهيءَ جي سببان الله اُنهن کي سڌو رستو ڏيکاريندو آهي جيڪي سلامتي جي واٽن ڏانهن سندس راضپو ڳولين ۽ کين اونداهين مان سوجهري ڏانهن پنهنجي حڪم سان ٻاهر ڪڍي ٿو ۽ کين سڌيءَ واٽ ڏانهن رستو ڏيکاري ٿو (١٦). جن چيو تہ پڪ الله پاڻ مسيح پٽ مريم جو آهي سي بيشڪ ڪافر ٿيا۔ (اي پيغمبر!) چؤ تہ جيڪڏهن الله عيسيٰ پٽ مريم جي کي ۽ سندس ماءُ کي ۽ جيڪي سيئي زمين ۾ آهن تن کي ناس ڪرڻ گهري تہ ڪير الله کان انهن کي بچائي سگهندو؟ ۽ آسمانن ۽ زمين جي ۽ جيڪي اُنهن جي وچ ۾ آهي تنهن جي بادشاهي الله جي آهي۔ جيڪي گهري ٿو سو پيدا ڪري ٿو ۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وسارو آهي (١٧).

وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ وَالنَّصٰرٰى نَحْنُ اَبْنٰٓؤُا اللّٰهِ وَاَحِبَّآؤُهٗ ؕ قُلْ فَلِمَ
يُعَذِّبُكُمْ بِذُنُوْبِكُمْ ؕ بَلْ اَنْتُمْ بَشَرٌ مِّمَّنْ خَلَقَ ؕ يَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ
وَيُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا
بَيْنَهُمَا ۫ وَاِلَيْهِ الْمَصِيْرُ ﴿١٨﴾ يٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ قَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلُنَا
يُبَيِّنُ لَكُمْ عَلٰى فَتْرَةٍ مِّنَ الرُّسُلِ اَنْ تَقُوْلُوْا مَا جَآءَنَا مِنْۢ بَشِيْرٍ
وَّلَا نَذِيْرٍ ۫ فَقَدْ جَآءَكُمْ بَشِيْرٌ وَّنَذِيْرٌ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ
قَدِيْرٌ ﴿١٩﴾ ع وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ
عَلَيْكُمْ اِذْ جَعَلَ فِيْكُمْ اَنْۢبِيَآءَ وَجَعَلَكُمْ مُّلُوْكًا ۖۗ وَّاٰتٰىكُمْ مَّا
لَمْ يُؤْتِ اَحَدًا مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٠﴾ يٰقَوْمِ ادْخُلُوا الْاَرْضَ
الْمُقَدَّسَةَ الَّتِيْ كَتَبَ اللّٰهُ لَكُمْ وَلَا تَرْتَدُّوْا عَلٰۤى اَدْبَارِكُمْ
فَتَنْقَلِبُوْا خٰسِرِيْنَ ﴿٢١﴾ قَالُوْا يٰمُوْسٰۤى اِنَّ فِيْهَا قَوْمًا جَبَّارِيْنَ ۖۗ
وَاِنَّا لَنْ نَّدْخُلَهَا حَتّٰى يَخْرُجُوْا مِنْهَا ۚ فَاِنْ يَّخْرُجُوْا مِنْهَا
فَاِنَّا دٰخِلُوْنَ ﴿٢٢﴾ قَالَ رَجُلٰنِ مِنَ الَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ اَنْعَمَ
اللّٰهُ عَلَيْهِمَا ادْخُلُوْا عَلَيْهِمُ الْبَابَ ۚ فَاِذَا دَخَلْتُمُوْهُ فَاِنَّكُمْ
غٰلِبُوْنَ ۚ ۵ وَعَلَى اللّٰهِ فَتَوَكَّلُوْۤا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٢٣﴾

يهودي ۽ نصاريٰ چوندا آهن ته اسين الله جا پٽ ۽ سندس پيارا آهيون (اي پيغمبر کين) چؤ ته پوءِ توهانجي گناهن سببان ڇو عذاب ڪندو اٿوَ؟ بلڪ اوهين به اُنهيءَ جنس مان ماڻهو آهيو جيڪي خلقيائين. جنهن کي وڻيس (تنهن کي) بخشي ۽ جنهن کي وڻيس (تنهن کي) عذاب ڪري ۽ آسمانن ۽ زمين جي ۽ جيڪي سندن وچ ۾ آهي تنهن جي بادشاهي الله جي آهي ۽ ڏانهنس موٽڻ آهي (١٨). اي ڪتاب وارؤ! بيشڪ اوهان وٽ اسان جو پيغمبر اهڙي وقت ۾ آيو جو (ڪجھ وقت تائين) پيغمبرن جو اچڻ بند ٿي چڪو هو اوهان تي بيان ڪري ٿو. متان چئو ته نڪو خوشخبري ڏيندڙ ۽ نڪو ڊيڄاريندڙ اسان وٽ آيو (هائو!) انهيءَ ڪري بيشڪ اوهان وٽ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ آيو آهي ۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وسارو آهي (١٩). ۽ (ياد ڪر) جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو ته اي منهنجي قوم! پاڻ تي الله جي نعمت ياد ڪريو جو اوهان ۾ پيغمبر مقرر ڪيائين ۽ اوهان کي بادشاهه ڪيائين ۽ اوهان کي اُهي (نعمتون) ڏنائين جي جهانن وارن مان ڪنهن کي (به) نه ڏنائين (٢٠). اي منهنجي قوم! پاڪ زمين ۾ گهڙو جا الله اوهان لاءِ ٺهرائي آهي ۽ پوئتي نه ڦرو نه ته ڦري خساري وارا ٿيندؤ (٢١). چيائون ته اي موسيٰ! بيشڪ اُتي ڏاڍي زور واري قوم آهي ۽ اسين منجهس ايسين ڪڏهن نه گهڙنداسون جيسين اُهي منجهانئس (نه) نڪرن پوءِ جيڪڏهن اُهي اُتان نڪرن ته اسين گهڙڻ وارا آهيون (٢٢). جيڪي الله کان ڊڄندا هئا تن مان ٻـه ڄڻان جن تي الله نعمتون نازل ڪيون هيون چوڻ لڳا ته در کان مٿن (حملو ڪري) گهڙو پوءِ جڏهن در کان لنگهيوَ تڏهن اوهين پڪ غالب آهيو ۽ جيڪڏهن مؤمن آهيو ته ۽ الله تي ڀروسو ڪريو (٢٣).

قَالُوْا يٰمُوْسٰۤى اِنَّا لَنْ نَّدْخُلَهَاۤ اَبَدًا مَّا دَامُوْا فِيْهَا فَاذْهَبْ
اَنْتَ وَرَبُّكَ فَقَاتِلَاۤ اِنَّا هٰهُنَا قٰعِدُوْنَ ﴿۲۴﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّىْ
لَاۤ اَمْلِكُ اِلَّا نَفْسِىْ وَاَخِىْ فَافْرُقْ بَيْنَنَا وَبَيْنَ الْقَوْمِ
الْفٰسِقِيْنَ ﴿۲۵﴾ قَالَ فَاِنَّهَا مُحَرَّمَةٌ عَلَيْهِمْ اَرْبَعِيْنَ سَنَةً ۚ
يَتِيْهُوْنَ فِى الْاَرْضِ ؕ فَلَا تَاْسَ عَلَى الْقَوْمِ الْفٰسِقِيْنَ ﴿۲۶﴾ ع
وَاتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَاَ ابْنَىْ اٰدَمَ بِالْحَقِّ اِذْ قَرَّبَا قُرْبَانًا فَتُقُبِّلَ
مِنْ اَحَدِهِمَا وَلَمْ يُتَقَبَّلْ مِنَ الْاٰخَرِ ؕ قَالَ لَاَقْتُلَنَّكَ ؕ قَالَ
اِنَّمَا يَتَقَبَّلُ اللّٰهُ مِنَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿۲۷﴾ لَئِنْۢ بَسَطْتَّ اِلَىَّ يَدَكَ
لِتَقْتُلَنِىْ مَاۤ اَنَا بِبَاسِطٍ يَّدِىَ اِلَيْكَ لِاَقْتُلَكَ ۚ اِنِّىْۤ اَخَافُ
اللّٰهَ رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۲۸﴾ اِنِّىْۤ اُرِيْدُ اَنْ تَبُوْٓاَ بِاِثْمِىْ وَ
اِثْمِكَ فَتَكُوْنَ مِنْ اَصْحٰبِ النَّارِ ۚ وَذٰلِكَ جَزٰٓؤُا الظّٰلِمِيْنَ ﴿۲۹﴾ ۚ
فَطَوَّعَتْ لَهٗ نَفْسُهٗ قَتْلَ اَخِيْهِ فَقَتَلَهٗ فَاَصْبَحَ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۳۰﴾
فَبَعَثَ اللّٰهُ غُرَابًا يَّبْحَثُ فِى الْاَرْضِ لِيُرِيَهٗ كَيْفَ يُوَارِىْ
سَوْءَةَ اَخِيْهِ ؕ قَالَ يٰوَيْلَتٰۤى اَعَجَزْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِثْلَ هٰذَا
الْغُرَابِ فَاُوَارِىَ سَوْءَةَ اَخِىْ ۚ فَاَصْبَحَ مِنَ النّٰدِمِيْنَ ﴿۳۱﴾ ۚۛ

چيائون ته اي موسيٰ! بيشڪ اسين اصلي ڪڏهن منجهس نه گهڙنداسون
جيسين اُهي منجهس رهندا تنهن ڪري تون ۽ تنهنجو رب وڃو پوءِ وڙهو
بيشڪ اسين هتي (ئي) ويٺا آهيون (٢۴). موسيٰ چيو ته اي منهنجا پالڻهار!
آءٌ پنهنجي سِرَ ۽ پنهنجي ڀاءُ کان سواءِ (ٻئي) ڪنهن تي اختيار نه ٿو رکان
تنهن ڪري اسان جي ۽ بي فرمان قوم جي وچ ۾ جدائي ڪر! (٢٥).
(الله) چيو ته اُها (پاڪ زمين) چاليهه ورهه مٿن حرام ڪئي وئي آهي. زمين
(يعني برپٽ) ۾ حيران پريشان رهندا- تنهنڪري بي فرمان قوم تي ڏک نه
ڪر (٢٦). (اي پيغمبر!) آدم جي ٻن پٽن (هابيل ۽ قابيل) جي خبر ڪين
سچيءَ طرح پڙهي ٻڌاءِ- جڏهن ٻنهي (هڪ هڪ) قرباني نذر ڪئي تڏهن
ٻنهي مان هڪڙي جي قبول ڪئي وئي ۽ ٻئي جي قبول نه ڪئي وئي-
(قابيل) چيو ته ضرور ماريندوسانءِ- (هابيل) چيو ته الله رڳو پرهيزگارن جي
(قرباني) قبول ڪندو آهي (٢٧). جيڪڏهن پنهنجو هٿ منهنجي مارڻ لاءِ
مون ڏانهن ڊگهو ڪندين ته آءٌ پنهنجو هٿ توڏانهن ڪڏهن به ڊگهو نه
ڪندس ته توکي ماريان، ڇو ته آءٌ جهانن جي پالڻهار کان ڊڄان ٿو (٢٨).
منهنجو ارادو آهي ته منهنجو گناه ۽ پنهنجو گناه تون کڻين ته دوزخين مان
ٿئين، ۽ ظالمن جي اِها سزا آهي (٢٩). پوءِ سندس دل کيس سندس ڀاءُ جي
ڪهڻ تي آماده ڪيو پوءِ کيس ڪُنائين پوءِ خساري وارن مان ٿيو (٣٠).
پوءِ الله هڪ ڪانوَ کي موڪليو جنهن زمين ۾ هن لاءِ کوٽيو ٿي ته
کيس ڏيکاري ته پنهنجي ڀاءُ جي لاشي کي ڪيئن لڪائي- (ڪانو کي
ڏسي) چيائين ته مون لاءِ ارمان آهي! ته ڇو مُنجهيس؟ جي آءٌ هِن ڪانوَ
جهڙو هجان ها ته (به) پنهنجي ڀاءُ جو لاشو لڪايان ها! پوءِ پشيمانن
مان ٿيو (٣١).

مِنْ اَجْلِ ذٰلِكَ ۛ كَتَبْنَا عَلٰى بَنِىْٓ اِسْرَآءِيْلَ اَنَّهٗ مَنْ
قَتَلَ نَفْسًۢا بِغَيْرِ نَفْسٍ اَوْ فَسَادٍ فِى الْاَرْضِ فَكَاَنَّمَا قَتَلَ
النَّاسَ جَمِيْعًا ؕ وَمَنْ اَحْيَاهَا فَكَاَنَّمَآ اَحْيَا النَّاسَ جَمِيْعًا ؕ
وَلَقَدْ جَآءَتْهُمْ رُسُلُنَا بِالْبَيِّنٰتِ ۫ ثُمَّ اِنَّ كَثِيْرًا مِّنْهُمْ بَعْدَ
ذٰلِكَ فِى الْاَرْضِ لَمُسْرِفُوْنَ ﴿۳۲﴾ اِنَّمَا جَزٰٓؤُا الَّذِيْنَ يُحَارِبُوْنَ
اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَيَسْعَوْنَ فِى الْاَرْضِ فَسَادًا اَنْ يُّقَتَّلُوْٓا اَوْ
يُصَلَّبُوْٓا اَوْ تُقَطَّعَ اَيْدِيْهِمْ وَاَرْجُلُهُمْ مِّنْ خِلَافٍ اَوْ
يُنْفَوْا مِنَ الْاَرْضِ ؕ ذٰلِكَ لَهُمْ خِزْىٌ فِى الدُّنْيَا وَ
لَهُمْ فِى الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ۙ﴿۳۳﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا
مِنْ قَبْلِ اَنْ تَقْدِرُوْا عَلَيْهِمْ ۚ فَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ
رَّحِيْمٌ ﴿۳۴﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَابْتَغُوْٓا
اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ وَجَاهِدُوْا فِىْ سَبِيْلِهٖ لَعَلَّكُمْ
تُفْلِحُوْنَ ﴿۳۵﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ اَنَّ لَهُمْ مَّا فِى
الْاَرْضِ جَمِيْعًا وَّمِثْلَهٗ مَعَهٗ لِيَفْتَدُوْا بِهٖ مِنْ عَذَابِ
يَوْمِ الْقِيٰمَةِ مَا تُقُبِّلَ مِنْهُمْ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۳۶﴾

اِنهيءَ ڪري بني اسرائيلن تي لازم ڪيوسون تہ جيڪو ڪنهن جان جي عوض يا زمين ۾ فساد وجهڻ (واري) کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي ڪُهندو تنهن ڄڻڪ مڙني ماڻهن کي ڪُٺو ۽ جنهن اُن کي بچايو تنهن ڄڻڪ مڙني ماڻهن کي بچايو ۽ بيشڪ اسان جا (گهڻا) پيغمبر چِٽن معجزن سان وٽن آيا وري اُن کان پوءِ منجهانئن گهڻا ملڪ ۾ حد کان لنگهندڙ ٿيا (٣٢). جيڪي الله ۽ سندس پيغمبر سان وڙهندا ۽ ملڪ ۾ فساد (وجهڻ) لاءِ ڪوشش ڪندا تن جي سزا هن کان سواءِ (ٻي ڪا) نہ آهي تہ ڪُهجين يا سوريءَ چاڙهجين يا سندن هَٿَ ۽ سندن پير اُبتڙ سبتڙ وڍجن يا ديس نڪالي ڏجين- دنيا ۾ اُنهن لاءِ اِها خواري آهي ۽ آخرت ۾ اُنهن لاءِ وڏو عذاب آهي (٣٣). پر جن اوهان جي قابو پوڻ کان اڳ توبہ ڪئي، پوءِ ڄاڻو تہ الله بخشڻهار مهربان آهي (٣٤). اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ ڏانهس وسيلو ڳوليو (يعني پنهنجي نيڪ عملن جي وسيلي الله تعاليٰ ڏي ويجها ٿيو) ۽ سندس واٽ ۾ ڪوشش ڪريو تہ مانَ اوهين ڪامياب ٿيو (٣٥). بيشڪ جن ڪفر ڪيو تن کي جيڪي زمين ۾ آهي سو مڙئي جيڪڏهن هجي ۽ اُن جيترو ٻيو بہ گڏ (هجين) اُهو قيامت جي ڏينهن جي عذاب کان (بچاءَ لاءِ) عوض ڏين تہ کانئن قبول نہ ڪبو ۽ اُنهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (٣٦).

يُرِيدُونَ اَنْ يَّخْرُجُوْا مِنَ النَّارِ وَمَا هُمْ بِخٰرِجِيْنَ
مِنْهَا ۡ وَلَهُمْ عَذَابٌ مُّقِيْمٌ ﴿٣٧﴾ وَالسَّارِقُ وَالسَّارِقَةُ فَاقْطَعُوْٓا
اَيْدِيَهُمَا جَزَآءًۢ بِمَا كَسَبَا نَكَالًا مِّنَ اللّٰهِ ۭ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ
حَكِيْمٌ ﴿٣٨﴾ فَمَنْ تَابَ مِنْۢ بَعْدِ ظُلْمِهٖ وَاَصْلَحَ فَاِنَّ اللّٰهَ
يَتُوْبُ عَلَيْهِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٣٩﴾ اَلَمْ تَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ لَهٗ
مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ وَيَغْفِرُ لِمَنْ
يَّشَآءُ ۭ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٤٠﴾ يٰٓاَيُّهَا الرَّسُوْلُ لَا
يَحْزُنْكَ الَّذِيْنَ يُسَارِعُوْنَ فِي الْكُفْرِ مِنَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا
اٰمَنَّا بِاَفْوَاهِهِمْ وَلَمْ تُؤْمِنْ قُلُوْبُهُمْ ۛ وَمِنَ الَّذِيْنَ
هَادُوْا ۛ سَمّٰعُوْنَ لِلْكَذِبِ سَمّٰعُوْنَ لِقَوْمٍ اٰخَرِيْنَ ۙ لَمْ
يَاْتُوْكَ ۭ يُحَرِّفُوْنَ الْكَلِمَ مِنْۢ بَعْدِ مَوَاضِعِهٖ ۚ يَقُوْلُوْنَ
اِنْ اُوْتِيْتُمْ هٰذَا فَخُذُوْهُ وَاِنْ لَّمْ تُؤْتَوْهُ فَاحْذَرُوْا ۭ
وَمَنْ يُّرِدِ اللّٰهُ فِتْنَتَهٗ فَلَنْ تَمْلِكَ لَهٗ مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ۭ
اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَمْ يُرِدِ اللّٰهُ اَنْ يُّطَهِّرَ قُلُوْبَهُمْ ۭ لَهُمْ
فِي الدُّنْيَا خِزْيٌ ۖ وَّلَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٤١﴾

باھ مان نڪرڻ گھرندا ۽ (حقيقت ڪري) منجھانئس اُھي نڪرڻ وارا نہ آھن ۽ اُنھن لاءِ سدائين جو عذاب آھي(٣٧) . ۽ چورُ (مرد) ۽ چورِ (عورت) اُنھن جا ھٿ سندن ڪئي سببان سزا لاءِ وڍيو الله (جي پار) کان اھو عذاب آھي- ۽ الله غالب حڪمت وارو آھي (٣٨) . پوءِ جنھن پنھنجي ڪيل (قصور) کان بعد توبھ ڪئي ۽ چڱا ڪم ڪيا تنھن تي الله (ٻاجھ سان) موٽندو- ڇو تہ الله بخشڻھار مھربان آھي (٣٩) . (اي پيغمبر!) معلوم نہ اٿيئي ڇا؟ تہ آسمانن ۽ زمين جي بادشاھي الله جي آھي جنھن کي وڻيس تنھن کي عذاب ڪري جنھن کي وڻيس تنھن کي بخشي- ۽ الله سڀ ڪنھن شيءِ تي وسارو آھي (٤٠) . اي پيغمبر! (اُنھن جو حال) توکي غمگين نہ ڪري جيڪي ڪفر ۾ ڪاھي پوندا آھن اھڙن (ماڻھن) مان جو پنھنجن واتن سان چوندا آھن تہ ايمان آندوسون ۽ سندين دلين ايمان نہ آندو آھي، ۽ (پڻ) يھودين مان، جو ڏاڍا ڪوڙ ٻڌندڙ (يعني قبوليندڙ) آھن، ٻي قوم (ڪافرن) لاءِ جي اجان تو وٽ نہ آيا آھن جاسوسي ڪندڙ آھن- ڪن ڳالھين کي پنھنجن (صحيح) ھنڌن تي ھٽڻ کان پوءِ بدلائيندا آھن، (ماڻھن کي) چوندا آھن تہ جيڪڏھن ھيءُ (حڪم) ڏنو وڃيوَ تہ اُھو قبول ڪجو ۽ جيڪڏھن اُھو نہ ڏنو وڃيوَ تہ پري ٿجو- ۽ الله جنھن جي گمراھ ڪرڻ جو ارادو ڪندو آھي تنھن لاءِ الله (جي پار) کان (ھدايت ڪرڻ جو) ڪجھ اختيار نہ اٿيئي- اُھي (اھڙا) آھن جو اُنھن جي دلين کي الله پاڪ ڪرڻ نہ گھرندو آھي- دنيا ۾ اُنھن لاءِ خواري آھي ۽ آخرت ۾ اُنھن لاءِ وڏو عذاب آھي (٤١) .

سَمّٰعُوْنَ لِلْكَذِبِ اَكّٰلُوْنَ لِلسُّحْتِ ؕ فَاِنْ جَآءُوْكَ فَاحْكُمْ
بَيْنَهُمْ اَوْ اَعْرِضْ عَنْهُمْ ۚ وَاِنْ تُعْرِضْ عَنْهُمْ فَلَنْ يَّضُرُّوْكَ
شَيْـًٔا ؕ وَاِنْ حَكَمْتَ فَاحْكُمْ بَيْنَهُمْ بِالْقِسْطِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ
الْمُقْسِطِيْنَ ﴿۴۲﴾ وَكَيْفَ يُحَكِّمُوْنَكَ وَعِنْدَهُمُ التَّوْرٰىةُ فِيْهَا
حُكْمُ اللّٰهِ ثُمَّ يَتَوَلَّوْنَ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ ؕ وَمَآ اُولٰٓئِكَ
بِالْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۴۳﴾ ع اِنَّآ اَنْزَلْنَا التَّوْرٰىةَ فِيْهَا هُدًى وَّنُوْرٌ ۚ
يَحْكُمُ بِهَا النَّبِيُّوْنَ الَّذِيْنَ اَسْلَمُوْا لِلَّذِيْنَ هَادُوْا وَ
الرَّبّٰنِيُّوْنَ وَالْاَحْبَارُ بِمَا اسْتُحْفِظُوْا مِنْ كِتٰبِ
اللّٰهِ وَكَانُوْا عَلَيْهِ شُهَدَآءَ ۚ فَلَا تَخْشَوُا النَّاسَ وَاخْشَوْنِ
وَلَا تَشْتَرُوْا بِاٰيٰتِيْ ثَمَنًا قَلِيْلًا ؕ وَمَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ
اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿۴۴﴾ وَكَتَبْنَا عَلَيْهِمْ
فِيْهَآ اَنَّ النَّفْسَ بِالنَّفْسِ ۙ وَالْعَيْنَ بِالْعَيْنِ وَالْاَنْفَ
بِالْاَنْفِ وَالْاُذُنَ بِالْاُذُنِ وَالسِّنَّ بِالسِّنِّ ۙ وَالْجُرُوْحَ
قِصَاصٌ ؕ فَمَنْ تَصَدَّقَ بِهٖ فَهُوَ كَفَّارَةٌ لَّهٗ ؕ وَمَنْ
لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۴۵﴾

ڪوڙين (ڳالهين) جا ٻڌندڙ آهن حرام (جو مال) کائيندڙ آهن. پوءِ جيڪڏهن تو وٽ اچن ته سندن (تڪرارن جي) وچ ۾ فيصلو ڪر يا کائن منهن موڙ، ۽ جيڪڏهن کائن منهن موڙين ته توکي ڪجھ نقصان رسائي نه سگهندا ۽ جيڪڏهن نبيرو ڪرين ته سندن وچ ۾ انصاف سان فيصلو ڪر. ڇو ته الله انصاف ڪندڙن کي دوست رکندو آهي (۴۲). ۽ ڪيئن توکان هن حالت ۾ فيصلو ڪرائيندا؟ جو وٽن توريت آهي اُن ۾ الله جو حڪم آهي وري اُن کان پوءِ ڦري ويندا آهن. ۽ اهي مؤمن نه آهن (۴۳). بيشڪ اسان توريت لاٿو آهي منجهس هدايت ۽ نور آهي، فرمانبردار پيغمبرن ۽ الله وارن ۽ (يهودي) عالمن اُن (توريت) سان يهودين لاءِ فيصلو ڪيو آهي (يعني) اُنهيءَ سان جيڪي الله جي ڪتاب مان ياد ڪرايو وين ۽ مٿس شاهد هئا، پوءِ (ڪين اسان سمجهايو هو ته) ماڻهن کان نه ڊڄو ۽ مون کان ڊڄو ۽ منهنجي آيتن کي ٿوري مله سان نه وڪڻو. ۽ جيڪي الله لاٿو آهي تنهن سان جيڪي حڪم نه ڪندا سي ئي ڪافر آهن (۴۴). ۽ اُنهن (يهودين) تي توريت ۾ لازم ڪيوسون ته ماڻهو جو عوض ماڻهو ۽ اک جو عوض اک ۽ نڪ جو عوض نڪ ۽ ڪن جو عوض ڪن ۽ ڏند جو عوض ڏند ۽ ڦٽ جو عوض اوترو ڦٽ آهي. پوءِ جيڪو اُن کي بخشيندو تنهن لاءِ اُهو (بخشڻ سندس گناهن جو) ڪفارو آهي ۽ جيڪي الله لاٿو آهي تنهن سان جيڪي حڪم نه ڪندا سي ئي ظالم آهن (۴۵).

وَقَفَّيْنَا عَلٰٓى اٰثَارِهِمْ بِعِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ
يَدَيْهِ مِنَ التَّوْرٰىةِ وَاٰتَيْنٰهُ الْاِنْجِيْلَ فِيْهِ هُدًى وَّنُوْرٌ وَّ
مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ مِنَ التَّوْرٰىةِ وَهُدًى وَّمَوْعِظَةً
لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٤٦﴾ وَلْيَحْكُمْ اَهْلُ الْاِنْجِيْلِ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فِيْهِ ۭ وَمَنْ
لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَاَنْزَلْنَآ
اِلَيْكَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ مِنَ الْكِتٰبِ
وَمُهَيْمِنًا عَلَيْهِ فَاحْكُمْ بَيْنَهُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ وَلَا تَتَّبِعْ
اَهْوَاۗءَهُمْ عَمَّا جَاۗءَكَ مِنَ الْحَقِّ ۭ لِكُلٍّ جَعَلْنَا مِنْكُمْ شِرْعَةً
وَّمِنْهَاجًا ۭ وَلَوْ شَاۗءَ اللّٰهُ لَجَعَلَكُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلٰكِنْ لِّيَبْلُوَكُمْ
فِيْ مَآ اٰتٰىكُمْ فَاسْتَبِقُوا الْخَيْرٰتِ ۭ اِلَى اللّٰهِ مَرْجِعُكُمْ جَمِيْعًا فَيُنَبِّئُكُمْ
بِمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿٤٨﴾ وَاَنِ احْكُمْ بَيْنَهُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ
وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَاۗءَهُمْ وَاحْذَرْهُمْ اَنْ يَّفْتِنُوْكَ عَنْۢ بَعْضِ مَآ
اَنْزَلَ اللّٰهُ اِلَيْكَ ۭ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاعْلَمْ اَنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّصِيْبَهُمْ
بِبَعْضِ ذُنُوْبِهِمْ ۭ وَاِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ لَفٰسِقُوْنَ ﴿٤٩﴾ اَفَحُكْمَ
الْجَاهِلِيَّةِ يَبْغُوْنَ ۭ وَمَنْ اَحْسَنُ مِنَ اللّٰهِ حُكْمًا لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿٥٠﴾ ع

۽ اُنهن (پيغمبرن) جي طريقي تي عيسيٰ پٽ مريم جي کي پوئتان موڪليو سون جو جيڪو ڪانئس اڳ (توريت) هو تنهن جو سچو ڪندڙ هو ۽ کيس انجيل ڏنوسون جنهن ۾ هدايت ۽ نور آهي ۽ توريت جيڪو ڪانئس اڳ هو تنهن جو سچو ڪندڙ ۽ پرهيزگارن لاءِ هدايت ۽ نصيحت هو (۴٦). ۽ انجيل وارن کي جڳائي ته جيڪي الله منجهس لاٿو تنهن سان فيصلو ڪن۔ ۽ جيڪي الله لاٿو تنهن موجب جيڪي فيصلو نه ڪندا سي ئي بي دين آهن (۴۷). ۽ (اي پيغمبر!) تو ڏانهن سچائيءَ سان ڪتاب لاٿوسون جيڪي ڪتاب ڪانئس اڳ آهن تن جو سچو ڪندڙ ۽ متن نگهبان آهي تنهنڪري جيڪي الله لاٿو آهي تنهن موجب سندن وچ ۾ حڪم ڪر ۽ جيڪو حق تو وٽ آيو آهي تنهن کان مڙي سندين سَڌن جي تابعداري نه ڪر۔ اوهان مان هر ڪنهن ٽوليءَ لاءِ شريعت ۽ (هڪ سنئين) واٽ مقرر ڪئي سون۔ ۽ جيڪڏهن الله گهري ها ته اوهان مڙني کي هڪ ٽولي ڪري ها پر (گهريائين) ته جيڪي اوهان کي ڏنائين تنهن ۾ اوهان کي پرکي تنهن ڪري چڱاين ڏانهن اڳرائي ڪريو۔ اوهان مڙني جو الله ڏانهن موٽڻ آهي پوءِ جنهن (ڳالهه) بابت اوهين تڪرار ڪندڙ هيؤ تنهن جي فيصلي جي اوهان کي خبر ڏيندو (۴۸). ۽ (وري به توکي حڪم ٿو ڪجي) ته جيڪي الله لاٿو آهي تنهن سان سندن وچ ۾ حڪم ڪر ۽ سندين سَڌن جي تابعداري نه ڪر ۽ اُنهن کان بچندو رهه ته جيڪي الله تو ڏانهن لاٿو آهي تنهن جي ڪنهن (حڪم) کان متان توکي ٿيڙين۔ پوءِ جيڪڏهن ڦرن ته ڄاڻ ته الله سندن ڪن گناهن سببان کين عذاب پهچائڻ گهرندو آهي۔ ۽ ماڻهن مان گهڻا بي دين آهن (۴۹). اچان جاهليت وارو حڪم گهرندا آهن ڇا؟ ۽ (ڪتاب الاهي تي) يقين ڪندڙ قوم لاءِ حڪم ڪرڻ ۾ الله کان وڌيڪ ڪير چڱو آهي؟ (۵۰).

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوا الْيَهُوْدَ وَالنَّصٰرٰۤى اَوْلِيَآءَ ۘؔ
بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ؕ وَمَنْ يَّتَوَلَّهُمْ مِّنْكُمْ فَاِنَّهٗ مِنْهُمْ ؕ
اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۵۱﴾ فَتَرَى الَّذِيْنَ فِىْ
قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ يُّسَارِعُوْنَ فِيْهِمْ يَقُوْلُوْنَ نَخْشٰٓى اَنْ
تُصِيْبَنَا دَآئِرَةٌ ؕ فَعَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّاْتِىَ بِالْفَتْحِ اَوْ اَمْرٍ مِّنْ عِنْدِهٖ
فَيُصْبِحُوْا عَلٰى مَاۤ اَسَرُّوْا فِىْۤ اَنْفُسِهِمْ نٰدِمِيْنَ ﴿۵۲﴾ؕ وَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ
اٰمَنُوْۤا اَهٰٓؤُلَآءِ الَّذِيْنَ اَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ ۙ اِنَّهُمْ
لَمَعَكُمْ ؕ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فَاَصْبَحُوْا خٰسِرِيْنَ ﴿۵۳﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ
اٰمَنُوْا مَنْ يَّرْتَدَّ مِنْكُمْ عَنْ دِيْنِهٖ فَسَوْفَ يَاْتِى اللّٰهُ بِقَوْمٍ
يُّحِبُّهُمْ وَيُحِبُّوْنَهٗۤ ۙ اَذِلَّةٍ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اَعِزَّةٍ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ؗ
يُجَاهِدُوْنَ فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلَا يَخَافُوْنَ لَوْمَةَ لَآئِمٍ ؕ ذٰلِكَ
فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿۵۴﴾ اِنَّمَا وَلِيُّكُمُ
اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوا الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ
وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ رٰكِعُوْنَ ﴿۵۵﴾ وَمَنْ يَّتَوَلَّ اللّٰهَ وَ
رَسُوْلَهٗ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فَاِنَّ حِزْبَ اللّٰهِ هُمُ الْغٰلِبُوْنَ ﴿۵۶﴾ ع

اي مؤمنو! يهودين ۽ نصارن کي دوست ڪري نہ وٺو- اُنهن مان هڪڙا ٻين جا دوست آهن- ۽ اوهان منجهان جيڪو کين دوست ڪري وٺندو سو بيشڪ منجهائن آهي- ڇو تہ الله ظالم ٽوليءَ کي سڌو رستو نہ ڏيکاريندو آهي (٥١). پوءِ جن جي دلين ۾ (منافقيءَ جي) بيماري آهي تن کي ڏسين ٿو تہ اُنهن (يهودين ۽ نصارن جي دوستيءَ) ۾ ڊوڙندا ويندا آهن چوندا آهن تہ پاڻ تي زماني جي ڦيري پهچڻ کان ڊڄون ٿا پوءِ سگهو ئي الله فتح يا پنهنجي وٽان ڪو حڪم آڻي پوءِ پنهنجين دلين ۾ جيڪي لڪائيندا آهن تنهن تي پشيمان ٿيندا (٥٢). ۽ (قيامت ۾) مؤمن چوندا تہ هي اُهي آهن ڇا؟ جي (دنيا ۾) الله جا وڏا وڏا قسم کڻندا هئا تہ اسين اوهان سان آهيون (اڄ منافقيءَ سببان) سندن (سڀ) ڪئي ڪمائي ناس ٿي پوءِ (اُهي) خساري وارا ٿيا (٥٣). اي مؤمنو! اوهان منجهان جيڪو پنهنجي دين کان ڦرندو تہ سگهوئي الله اهڙي قوم کي پيدا ڪندو جن کي (پاڻ) دوست رکندو ۽ اُهي کيس دوست رکندا اُهي مؤمنن سان نوڙت ڪندڙ ۽ ڪافرن کي عزت ڏيکاريندڙ هوندا الله جي واٽ ۾ جهاد ڪندا ۽ ڪنهن ملامت ڪندڙ جي ملامت کان نہ ڊڄندا- اِهو الله جو فضل آهي جنهن کي وڻيس تنهن کي ڏيندو آهي- ۽ الله ڪشادي فضل وارو ڄاڻندڙ آهي (٥٤). (اي مؤمنؤ!) الله ۽ سندس پيغمبر ۽ اُنهن مؤمنن کان سواءِ اوهان جو ڪو دوست نہ آهي جيڪي نماز پڙهندا آهن ۽ زڪواة ڏيندا آهن ۽ اُهي رڪوع ڪندڙ آهن (٥٥). ۽ جيڪو الله ۽ سندس پيغمبر ۽ مؤمنن کي دوست ڪري وٺندو (سو غالب ٿيندو) ڇو تہ الله جي ٽولي ئي غالب آهي (٥٦).

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوا الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا دِيْنَكُمْ
هُزُوًا وَّلَعِبًا مِّنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ
وَالْكُفَّارَ اَوْلِيَآءَ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٥٧﴾ وَ
اِذَا نَادَيْتُمْ اِلَى الصَّلٰوةِ اتَّخَذُوْهَا هُزُوًا وَّلَعِبًا ؕ ذٰلِكَ
بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْقِلُوْنَ ﴿٥٨﴾ قُلْ يٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ هَلْ تَنْقِمُوْنَ
مِنَّاۤ اِلَّاۤ اَنْ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَمَاۤ اُنْزِلَ اِلَيْنَا وَمَاۤ اُنْزِلَ مِنْ
قَبْلُ ۙ وَاَنَّ اَكْثَرَكُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿٥٩﴾ قُلْ هَلْ اُنَبِّئُكُمْ بِشَرٍّ مِّنْ ذٰلِكَ
مَثُوْبَةً عِنْدَ اللّٰهِ ؕ مَنْ لَّعَنَهُ اللّٰهُ وَغَضِبَ عَلَيْهِ وَجَعَلَ
مِنْهُمُ الْقِرَدَةَ وَالْخَنَازِيْرَ وَعَبَدَ الطَّاغُوْتَ ؕ اُولٰٓئِكَ شَرٌّ
مَّكَانًا وَّاَضَلُّ عَنْ سَوَآءِ السَّبِيْلِ ﴿٦٠﴾ وَاِذَا جَآءُوْكُمْ قَالُوْۤا
اٰمَنَّا وَقَدْ دَّخَلُوْا بِالْكُفْرِ وَهُمْ قَدْ خَرَجُوْا بِهٖ ؕ وَاللّٰهُ
اَعْلَمُ بِمَا كَانُوْا يَكْتُمُوْنَ ﴿٦١﴾ وَتَرٰى كَثِيْرًا مِّنْهُمْ يُسَارِعُوْنَ
فِى الْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ وَاَكْلِهِمُ السُّحْتَ ؕ لَبِئْسَ مَا كَانُوْا
يَعْمَلُوْنَ ﴿٦٢﴾ لَوْلَا يَنْهٰىهُمُ الرَّبّٰنِيُّوْنَ وَالْاَحْبَارُ عَنْ
قَوْلِهِمُ الْاِثْمَ وَاَكْلِهِمُ السُّحْتَ ؕ لَبِئْسَ مَا كَانُوْا يَصْنَعُوْنَ ﴿٦٣﴾

اي ايمان وارؤ! جن کي اوهان کان اڳ ڪتاب ڏنو ويو تن منجهان جن پنهنجي دين کي مزاڪ ۽ راند بڻايو آهي تن کي ۽ ڪافرن کي دوست نہ بڻايو، ۽ جيڪڏهن مؤمن آهيو تہ الله کان ڊڄو (٥٧). ۽ جڏهن (اوهين) نماز لاءِ بانگ ڏيندا آهيو (تڏهن اُهي) اُن کي مزاڪ ۽ راند بڻائيندا آهن اهو هن سببان آهي جو اُي بي سمجهہ قوم آهن (٥٨). (اي پيغمبر!) چؤ تہ اي ڪتاب وارؤ! هن کان سواءِ اسان تي (ٻيو) ڪو عيب رکي سگهو ٿا ڇا؟ تہ الله کي ۽ جيڪو اسان ڏانهن لاٿو ويو ۽ جيڪي اڳ لاٿو ويو آهي تنهن کي مڃيو اٿؤن ۽ بيشڪ اوهان منجهان گهڻا بي دين آهن (٥٩). (اي پيغمبر! کين) چؤ تہ الله وٽ هن کان وڌيڪ بڇڙيءَ عاقبت واري جي اوهان کي خبر ڏيان؟ (بڇڙيءَ عاقبت وارو) اُهو آهي جنهن تي الله لعنت ڪئي آهي ۽ مٿس ڏمر ڪيو آهي ۽ منجهائن ڪي ڀولڙا ۽ سوئر ۽ غير خدا جا پوڄيندڙ ڪيائين- اِهي بڇڙي هنڌ رهڻ ورا آهن ۽ سڌيءَ واٽ کان بلڪل ڀُليل آهن (٦٠). ۽ جڏهن اوهان وٽ ايندا آهن تڏهن چوندا آهن تہ ايمان آندوسون هن هوندي جو (اُهي) ڪفر سان اندر ايندا آهن ۽ اُهي اُن (ڪفر) سان ٻاهر ويندا آهن ۽ جيڪي لڪائيندا آهن تنهن کي الله چڱو ڄاڻندڙ آهي (٦١). ۽ (اي پيغمبر!) منجهائن گهڻن کي ڏسين تو تہ گناه ۽ حد کان لنگهڻ ۽ پنهنجي حرام خوري ۾ تڪڙ ڪندا آهن ۽ جيڪي ڪندا آهن سو ضرور بڇڙو آهي (٦٢). الله وارا ۽ عالم کين سندن ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ سندن حرام خوري کان ڇو نہ جهليندا آهن؟ جيڪي ڪندا آهن سو ضرور بڇڙو آهي (٦٣).

وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ يَدُ اللّٰهِ مَغْلُوْلَةٌ ؕ غُلَّتْ اَيْدِيْهِمْ وَلُعِنُوْا بِمَا
قَالُوْا ۘ بَلْ يَدٰهُ مَبْسُوْطَتٰنِ ۙ يُنْفِقُ كَيْفَ يَشَآءُ ؕ وَلَيَزِيْدَنَّ كَثِيْرًا
مِّنْهُمْ مَّآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ طُغْيَانًا وَّكُفْرًا ؕ وَاَلْقَيْنَا بَيْنَهُمُ
الْعَدَاوَةَ وَالْبَغْضَآءَ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ ؕ كُلَّمَآ اَوْقَدُوْا نَارًا
لِّلْحَرْبِ اَطْفَاَهَا اللّٰهُ ۙ وَيَسْعَوْنَ فِى الْاَرْضِ فَسَادًا ؕ وَاللّٰهُ لَا
يُحِبُّ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٦٤﴾ وَلَوْ اَنَّ اَهْلَ الْكِتٰبِ اٰمَنُوْا وَاتَّقَوْا لَكَفَّرْنَا
عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ وَلَاَدْخَلْنٰهُمْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿٦٥﴾ وَلَوْ اَنَّهُمْ اَقَامُوا
التَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِمْ مِّنْ رَّبِّهِمْ لَاَكَلُوْا مِنْ
فَوْقِهِمْ وَمِنْ تَحْتِ اَرْجُلِهِمْ ؕ مِنْهُمْ اُمَّةٌ مُّقْتَصِدَةٌ ؕ وَكَثِيْرٌ
مِّنْهُمْ سَآءَ مَا يَعْمَلُوْنَ ﴿٦٦﴾ يٰۤاَيُّهَا الرَّسُوْلُ بَلِّغْ مَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ
مِنْ رَّبِّكَ ؕ وَاِنْ لَّمْ تَفْعَلْ فَمَا بَلَّغْتَ رِسَالَتَهٗ ؕ وَاللّٰهُ يَعْصِمُكَ
مِنَ النَّاسِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٦٧﴾ قُلْ يٰۤاَهْلَ
الْكِتٰبِ لَسْتُمْ عَلٰى شَىْءٍ حَتّٰى تُقِيْمُوا التَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ وَمَآ
اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ ؕ وَلَيَزِيْدَنَّ كَثِيْرًا مِّنْهُمْ مَّآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ
مِنْ رَّبِّكَ طُغْيَانًا وَّكُفْرًا ۚ فَلَا تَاْسَ عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٦٨﴾

۽ يهودي چوندا آهن ته الله جو هٿ تنگ آهي (يعني بخيل آهي) سندن هٿ بنديل هجن! ۽ جيڪي چيائون تنهن سببان لعنت ڪئي وين- (ائين نه آهي) بلڪ سندس ٻئي هٿ ڪشادا آهن جيئن وڻندو اٿس تيئن خرچيندو آهي- ۽ (قسم آهي ته) تنهنجي پالڻهار وٽان تو ڏانهن جيڪو (قرآن) لاٿو ويو آهي سو منجهانئن گهڻن (يهودين) کي بي فرماني ۽ ڪفر ۾ ضرور وڌائيندو- ۽ قيامت جي ڏينهن تائين سندن وچ ۾ دشمني ۽ بغض وجهي ڇڏيوسون- جنهن مهل جنگ لاءِ باهه ٻاريندا آهن (تنهن مهل) الله اُها وسائيندو آهي ۽ فساد لاءِ ملڪ ۾ ڪوشش ڪندا آهن- ۽ الله فسادين کي دوست نه رکندو آهي (٦٤). ۽ جيڪڏهن ڪتاب وارا ايمان آڻين ها ۽ پرهيزگاري ڪن ها ته سندن گناه کانئن ضرور ميٽيون ها ۽ کين نعمت جي باغن ۾ ضرور داخل ڪريون ها (٦٥). ۽ جيڪڏهن اُهي توريت ۽ انجيل ۽ جيڪي سندن پالڻهار وٽان اُنهن ڏانهن لاٿو ويو تن (حڪمن) کي قائم ڪن ها ته پنهنجي مٿاهون ۽ پنهنجن پيرن هيٺان ضرور (روزي) کائين ها- منجهانئن هڪ ٽولي وچٿري آهي- ۽ اُنهن مان گهڻا جيڪي ڪندا آهن سو بڇڙو آهي (٦٦). اي پيغمبر! جيڪو (قرآن) تو ڏانهن تنهنجي پالڻهار وٽان لاٿو ويو آهي سو پهچاءِ- ۽ جيڪڏهن (ائين) نه ڪيئي ته (ڄڻ) سندس پيغام نه پهچايُئي ۽ الله توکي ماڻهن کان پناه ڏيندو ۽ الله ڪافرن جي قوم کي سِڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي (٦٧). (اي پيغمبر! کين) چؤ ته اي ڪتاب وارؤ! اوهين ايستائين ڪنهن واٽ تي نه آهيو جيستائين توريت ۽ انجيل ۽ جيڪي اوهان جي پالڻهار کان اوهان ڏانهن لاٿو ويو تنهن (جي حڪمن) کي قائم نه ڪريو- ۽ جيڪي تنهنجي پالڻهار کان توڏانهن لاٿو ويو آهي سو منجهانئن گهڻن (يهودين) جي بي فرماني ۽ ڪفر کي وڌائيندو- تنهن ڪري ڪافرن جي قوم تي ارمان نه ڪر (٦٨).

إِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا وَالَّذِينَ هَادُوا وَالصَّابِئُونَ وَالنَّصَارَىٰ
مَنْ آمَنَ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ وَعَمِلَ صَالِحًا فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ
يَحْزَنُونَ ﴿٦٩﴾ لَقَدْ أَخَذْنَا مِيثَاقَ بَنِي إِسْرَائِيلَ وَأَرْسَلْنَا إِلَيْهِمْ
رُسُلًا ۖ كُلَّمَا جَاءَهُمْ رَسُولٌ بِمَا لَا تَهْوَىٰ أَنْفُسُهُمْ فَرِيقًا كَذَّبُوا
وَفَرِيقًا يَقْتُلُونَ ﴿٧٠﴾ وَحَسِبُوا أَلَّا تَكُونَ فِتْنَةٌ فَعَمُوا وَصَمُّوا ثُمَّ
تَابَ اللَّهُ عَلَيْهِمْ ثُمَّ عَمُوا وَصَمُّوا كَثِيرٌ مِنْهُمْ ۚ وَاللَّهُ بَصِيرٌ بِمَا
يَعْمَلُونَ ﴿٧١﴾ لَقَدْ كَفَرَ الَّذِينَ قَالُوا إِنَّ اللَّهَ هُوَ الْمَسِيحُ ابْنُ مَرْيَمَ ۖ
وَقَالَ الْمَسِيحُ يَا بَنِي إِسْرَائِيلَ اعْبُدُوا اللَّهَ رَبِّي وَرَبَّكُمْ ۖ إِنَّهُ
مَنْ يُشْرِكْ بِاللَّهِ فَقَدْ حَرَّمَ اللَّهُ عَلَيْهِ الْجَنَّةَ وَمَأْوَاهُ النَّارُ ۖ
وَمَا لِلظَّالِمِينَ مِنْ أَنْصَارٍ ﴿٧٢﴾ لَقَدْ كَفَرَ الَّذِينَ قَالُوا إِنَّ اللَّهَ ثَالِثُ
ثَلَاثَةٍ ۘ وَمَا مِنْ إِلَٰهٍ إِلَّا إِلَٰهٌ وَاحِدٌ ۚ وَإِنْ لَمْ يَنْتَهُوا عَمَّا يَقُولُونَ
لَيَمَسَّنَّ الَّذِينَ كَفَرُوا مِنْهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿٧٣﴾ أَفَلَا يَتُوبُونَ إِلَى
اللَّهِ وَيَسْتَغْفِرُونَهُ ۚ وَاللَّهُ غَفُورٌ رَحِيمٌ ﴿٧٤﴾ مَا الْمَسِيحُ ابْنُ مَرْيَمَ إِلَّا
رَسُولٌ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِ الرُّسُلُ وَأُمُّهُ صِدِّيقَةٌ ۖ كَانَا يَأْكُلَانِ
الطَّعَامَ ۗ انْظُرْ كَيْفَ نُبَيِّنُ لَهُمُ الْآيَاتِ ثُمَّ انْظُرْ أَنَّىٰ يُؤْفَكُونَ ﴿٧٥﴾

(جيڪي) مؤمن ۽ يهودي ۽ صابئي ۽ نصاريٰ (آهن اُنهن مان) جن الله کي ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي ڪو ڀؤ ڪونه آهي ۽ نڪي اُهي غمگين رهندا (٦٩). بيشڪ بني اسرائيلن کان انجام ورتوسون ۽ اُنهن ڏانهن (گهڻا) پيغمبر موڪلياسون. جڏهن به وٽن ڪنهن پيغمبر جيڪي سندين دلين نه ٿي گهريو سو حڪم ٿي آندو تڏهن هڪ ٽوليءَ کي ڪوڙو ٿي ڀانيائون ۽ هڪ ٽوليءَ کي ڪُٺائون ٿي (٧٠). ۽ ڀانيائون ٿي ته ڪو فتنو ٿيڻو نه آهي پوءِ (حق کان) انڌا ٿيا ۽ ٻوڙا ٿيا وري (به) الله مٿن (ٻاجھ سان) موٽيو (جو پيغمبر موڪليائين) وري منجهانئن گهڻا (حق کان) انڌا ٿيا ۽ ٻوڙا ٿيا. ۽ جيڪي ڪندا آهن سو الله ڏسندڙ آهي (٧١). بيشڪ جن چيو ته پڪ عيسيٰ پٽ مريم جو پاڻ الله آهي سي ڪافر ٿيا. ۽ عيسيٰ چوندو هو ته اي بني اسرائيلؤ! الله جي عبادت ڪريو جو منهنجو پالڻهار ۽ اوهان جو پالڻهار آهي (هيءَ پڪي ڳالھ آهي ته) جيڪو الله سان شريڪ مقرر ڪندو تنهن تي بيشڪ الله بهشت حرام ڪيو آهي ۽ سندس جاءِ دوزخ آهي. ۽ ظالمن جو ڪو به مددگار نه آهي (٧٢). جن چيو ته پڪ الله ٽن (خدائن) مان هڪ آهي سي بيشڪ ڪافر ٿيا. حالانڪ هڪ الله کان سواءِ ڪوئي عبادت جو لائق نه آهي جيڪي چوندا آهن تنهن کان جيڪڏهن پاڻ کي نه جهليندا ته منجهانئن ڪافرن کي ڏکوئيندڙ عذاب ضرور پهچندو (٧٣). پوءِ الله ڏانهن ڇو نه موٽندا آهن ۽ سندس بخشش ڇو نه گهرندا آهن؟ ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (٧٤). عيسيٰ پٽ مريم جو رڳو پيغمبر آهي بيشڪ کانئس اڳ (گهڻا) پيغمبر گذري ويا ۽ سندس ماءُ سچي (فرمان بردار) هئي. اُهي کاڌو کائيندا هئا. (اي پيغمبر!) ڏس ته ڪيئن اُنهن لاءِ نشانيون بيان ڪريون ٿا! وري ڏس ته اُهي ڪيئن ابتا ويندا آهن؟ (٧٥).

قُلْ اَتَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَمْلِكُ لَكُمْ ضَرًّا وَّلَا نَفْعًا ؕ
وَاللّٰهُ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٧٦﴾ قُلْ يٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ لَا تَغْلُوْا فِىْ
دِيْنِكُمْ غَيْرَ الْحَقِّ وَلَا تَتَّبِعُوْۤا اَهْوَآءَ قَوْمٍ قَدْ ضَلُّوْا مِنْ
قَبْلُ وَاَضَلُّوْا كَثِيْرًا وَّضَلُّوْا عَنْ سَوَآءِ السَّبِيْلِ ﴿٧٧﴾ ع لُعِنَ
الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْۢ بَنِىْۤ اِسْرَآءِيْلَ عَلٰى لِسَانِ دَاوٗدَ وَعِيْسَى
ابْنِ مَرْيَمَ ؕ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّكَانُوْا يَعْتَدُوْنَ ﴿٧٨﴾ كَانُوْا لَا
يَتَنَاهَوْنَ عَنْ مُّنْكَرٍ فَعَلُوْهُ ؕ لَبِئْسَ مَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ ﴿٧٩﴾
تَرٰى كَثِيْرًا مِّنْهُمْ يَتَوَلَّوْنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ لَبِئْسَ مَا قَدَّمَتْ
لَهُمْ اَنْفُسُهُمْ اَنْ سَخِطَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ وَفِى الْعَذَابِ هُمْ
خٰلِدُوْنَ ﴿٨٠﴾ وَلَوْ كَانُوْا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالنَّبِىِّ وَمَاۤ اُنْزِلَ
اِلَيْهِ مَا اتَّخَذُوْهُمْ اَوْلِيَآءَ وَلٰكِنَّ كَثِيْرًا مِّنْهُمْ
فٰسِقُوْنَ ﴿٨١﴾ لَتَجِدَنَّ اَشَدَّ النَّاسِ عَدَاوَةً لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا
الْيَهُوْدَ وَالَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا ۚ وَلَتَجِدَنَّ اَقْرَبَهُمْ مَّوَدَّةً
لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا الَّذِيْنَ قَالُوْۤا اِنَّا نَصٰرٰى ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّ
مِنْهُمْ قِسِّيْسِيْنَ وَرُهْبَانًا وَّاَنَّهُمْ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٨٢﴾

(اي پيغمبر ڪين) ڇؤ تہ الله کان سواءِ اُنهن جي ڇو عبادت ڪندا آهيو؟ جي اوهان لاءِ نڪي ڏک ۽ نڪي سک جا مالڪ آهن- ۽ الله ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. (٧٦). (اي پيغمبر! ڪين) ڇؤ تہ اي ڪتاب وارؤ! حق کان سواءِ پنهنجي دين ۾ حد کان نہ لنگهو ۽ اُنهيءَ قوم جي سَڌن جي پٺيان نہ لڳو جيڪي بيشڪ (پاڻ بہ) اڳ ڀُلا آهن ۽ (ٻين) گهڻن کي (بہ) ڀلايو اٿن ۽ سڌيءَ واٽ کان ڀُلا آهن (٧٧). بني اسرائيلن مان جيڪي ڪافر ٿيا تن تي دائود ۽ عيسيٰ پٽ مريم جي زبان سان لعنت ڪئي ويئي آهي- اُهو هن سببان آهي جو بي فرماني ڪيائون ۽ حد کان لنگهندا هئا (٧٨). جيڪي بُرا ڪم ڪندا هئا تن کان هڪ ٻئي کي نہ جهليندا هئا- جيڪي ڪندا هئا سو ضرور بـد آهي (٧٩). (اي پيغمبر!) منجهانئن گهڻن کي ڏسين ٿو تہ ڪافرن سان دوستي رکندا آهن- جيڪي اُنهن پاڻ لاءِ اڳ موڪليو آهي سو بڇڙو آهي جو مٿن الله جو ڏمرجڻ آهي ۽ اُن عذاب ۾ سدائين رهڻ وارا آهن (٨٠). ۽ جيڪڏهن (اُهي) الله ۽ (پنهنجي) پيغمبر کي ۽ جيڪي پيغمبر ڏانهن لاٿو ويو تنهن کي مڃين ها تہ اُنهن (مشرڪن) کي دوست ڪري نہ وٺن ها پر منجهانئن گهڻا ايمان کان نڪتل آهن (٨١). (اي پيغمبر!) يهودين ۽ مشرڪن کي مؤمنن لاءِ ٻين ماڻهن کان بلڪل وڌيڪ دشمني ڪرڻ وارو ضرور ڏسندين، ۽ جيڪي چون ٿا تہ اسين نصاريٰ آهيون تن کي مسلمانن سان دوستي ڪرڻ ۾ ڏاڍو ويجهو ضرور ڏسندين- اِهو هن سببان آهي جو منجهانئن ڪي عالم ۽ ڪي درويش آهن ۽ بي شڪ اُهي وڏائي نہ ڪندا آهن (٨٢).

وَاِذَا سَمِعُوْا مَآ اُنْزِلَ اِلَى الرَّسُوْلِ تَرٰٓى اَعْيُنَهُمْ
تَفِيْضُ مِنَ الدَّمْعِ مِمَّا عَرَفُوْا مِنَ الْحَقِّ ۚ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اٰمَنَّا
فَاكْتُبْنَا مَعَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿٨٣﴾ وَمَا لَنَا لَا نُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَمَا جَآءَنَا مِنَ
الْحَقِّ ۙ وَنَطْمَعُ اَنْ يُّدْخِلَنَا رَبُّنَا مَعَ الْقَوْمِ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٨٤﴾
فَاَثَابَهُمُ اللّٰهُ بِمَا قَالُوْا جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ
فِيْهَا ۭ وَذٰلِكَ جَزَآءُ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٨٥﴾ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا
بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿٨٦﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا
تُحَرِّمُوْا طَيِّبٰتِ مَآ اَحَلَّ اللّٰهُ لَكُمْ وَلَا تَعْتَدُوْا ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا
يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿٨٧﴾ وَكُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ حَلٰلًا طَيِّبًا ۠ وَّ
اتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْٓ اَنْتُمْ بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ ﴿٨٨﴾ لَا يُؤَاخِذُكُمُ اللّٰهُ
بِاللَّغْوِ فِيْٓ اَيْمَانِكُمْ وَلٰكِنْ يُّؤَاخِذُكُمْ بِمَا عَقَّدْتُّمُ الْاَيْمَانَ ۚ
فَكَفَّارَتُهٗٓ اِطْعَامُ عَشَرَةِ مَسٰكِيْنَ مِنْ اَوْسَطِ مَا تُطْعِمُوْنَ
اَهْلِيْكُمْ اَوْ كِسْوَتُهُمْ اَوْ تَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ ۭ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ
ثَلٰثَةِ اَيَّامٍ ۭ ذٰلِكَ كَفَّارَةُ اَيْمَانِكُمْ اِذَا حَلَفْتُمْ ۭ وَاحْفَظُوْٓا
اَيْمَانَكُمْ ۭ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٨٩﴾

۽ جيڪي پيغمبرن ڏانهن لاٿو ويو سو، جڏهن ٻڌندا آهن تڏهن سندين اکين کي اِنهيءَ سببان جو، سچ کي سڃاتائون ڳوڙها ڳاڙيندو ڏسندين، چوندا آهن ته اي اسان جا پالڻهار! ايمان آندوسون تنهنڪري اسان کي شاهدن ۾ لک (٨٣). ۽ اسان کي ڇا (ٿيو) آهي؟ جو الله کي ۽ جيڪي اسان وٽ سچ (يعني قرآن) آيو تنهن کي هن هوندي به نه مڃيون جو اُميد ٿا رکون ته اسان جو پالڻهار اسان کي صالحن جي ٽوليءَ سان (گڏي بهشت ۾) داخل ڪندو (٨٤). پوءِ جيڪي چيائون تنهن سببان الله کين بهشت ڏنو جنهن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن منجهس سدائين رهڻ وارا آهن ۽ اِهو ڀلارن جو بدلو آهي (٨٥). ۽ جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڀانيو اُهي دوزخي آهن (٨٦). اي ايمان وارؤ! جيڪي پاڪ شيون الله اوهان لاءِ حلال ڪيون آهن سي حرام نه ٺاهيو ۽ نڪي حد کان لنگهو- ڇو ته الله حد کان لنگهندڙن کي دوست نه رکندو آهي (٨٧). ۽ جيڪي الله اوهان کي پاڪ حلال رزق ڏنو آهي تنهن مان کائو ۽ اُن الله کان ڊڄو جنهن کي اوهين مڃيندڙ آهيو (٨٨). الله اوهان جي اجاين قسمن کڻڻ ۾ اوهان کي نه پڪڙيندو پر جيڪي قسم اوهان پڪي نيت سان ڪنيا تنهن سببان اوهان کي وٽ ڪندو. پوءِ اُن جو ڪفارو وچٿرو (کاڌو) جيڪي پنهنجي عيال کي کارائيندا آهيو تنهن مان ڏهن مسڪينن کي کاڌو ڏيڻ آهي يا کين ويس ڍڪائڻ يا ٻانهو آجو ڪرڻ (جڳائي)- پوءِ جيڪو نه لهي ته ٽي ڏينهن روزو رکڻ لازم آهي- جڏهن اوهين قسم کڻو (۽ ڀڃو) اهو ڪفارو اوهان جي قسمن جو آهي- ۽ پنهنجن قسمن کي (ڀڃڻ کان) سوگهو رکو- اهڙيءَ طرح الله اوهان لاءِ پنهنجا حڪم بيان ڪندو آهي ته مانَ اوهين شڪرانو ڪريو (٨٩).

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنَّمَا الْخَمْرُ وَالْمَيْسِرُ وَالْاَنْصَابُ وَالْاَزْلَامُ
رِجْسٌ مِّنْ عَمَلِ الشَّيْطٰنِ فَاجْتَنِبُوْهُ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ۝۹۰ اِنَّمَا
يُرِيْدُ الشَّيْطٰنُ اَنْ يُّوْقِعَ بَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةَ وَالْبَغْضَآءَ فِي الْخَمْرِ
وَالْمَيْسِرِ وَيَصُدَّكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ وَعَنِ الصَّلٰوةِ ۚ فَهَلْ اَنْتُمْ مُّنْتَهُوْنَ ۝۹۱
وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَاحْذَرُوْا ۚ فَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَاعْلَمُوْۤا اَنَّمَا
عَلٰى رَسُوْلِنَا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ۝۹۲ لَيْسَ عَلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا
الصّٰلِحٰتِ جُنَاحٌ فِيْمَا طَعِمُوْۤا اِذَا مَا اتَّقَوْا وَّاٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ
ثُمَّ اتَّقَوْا وَّاٰمَنُوْا ثُمَّ اتَّقَوْا وَّاَحْسَنُوْا ؕ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ۝۹۳ يٰۤاَيُّهَا
الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَيَبْلُوَنَّكُمُ اللّٰهُ بِشَيْءٍ مِّنَ الصَّيْدِ تَنَالُهٗۤ اَيْدِيْكُمْ وَ
رِمَاحُكُمْ لِيَعْلَمَ اللّٰهُ مَنْ يَّخَافُهٗ بِالْغَيْبِ ۚ فَمَنِ اعْتَدٰى بَعْدَ
ذٰلِكَ فَلَهٗ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۝۹۴ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقْتُلُوا الصَّيْدَ وَاَنْتُمْ
حُرُمٌ ؕ وَمَنْ قَتَلَهٗ مِنْكُمْ مُّتَعَمِّدًا فَجَزَآءٌ مِّثْلُ مَا قَتَلَ مِنَ النَّعَمِ
يَحْكُمُ بِهٖ ذَوَا عَدْلٍ مِّنْكُمْ هَدْيًۢا بٰلِغَ الْكَعْبَةِ اَوْ كَفَّارَةٌ طَعَامُ
مَسٰكِيْنَ اَوْ عَدْلُ ذٰلِكَ صِيَامًا لِّيَذُوْقَ وَبَالَ اَمْرِهٖ ؕ عَفَا اللّٰهُ
عَمَّا سَلَفَ ؕ وَمَنْ عَادَ فَيَنْتَقِمُ اللّٰهُ مِنْهُ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ ذُو انْتِقَامٍ ۝۹۵

اي ايمان وارؤ! شراب ۽ جوا ۽ پوڄا جا آستانا ۽ ڍارا پليتُ شيطاني ڪمن مان آهن تنهن ڪري اوهين ڪانئن پرهيز ڪريو ته مان ڇٽو (٩٠). شيطان جو ارادو شراب (پيارڻ) ۽ جوا (کيڏائڻ) ۾ هن ڪانسواءِ نه آهي ته اوهان جي وچ ۾ دشمني ۽ ڪاوڙ وجهي ۽ الله جي ياد ڪرڻ کان ۽ نماز کان اوهان کي جهلي. پوءِ (هاڻي به) اوهين (نه) جهلبؤ ڇا؟ (٩١). ۽ الله جي فرمانبرداري ڪريو ۽ پيغمبر جي فرمانبرداري ڪريو ۽ ڊڄو پوءِ جيڪڏهن اوهين ڦرندؤ ته پڪ ڄاڻو ته اسان جي پيغمبر تي رڳو پڌرو پيغام پهچائڻ آهي (٩٢). جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن تي جيڪي (اڳ) کاڌائون تنهن ۾ گناه نه آهي جڏهن پرهيزگاري ڪيائون ۽ ايمان آندائون ۽ چڱا ڪم ڪيائون وري پرهيزگاري ڪيائون ۽ ايمان آندائون وري پرهيزگاري ڪيائون ۽ چڱائي ڪيائون۔ ۽ الله ڀلارن کي دوست رکندو آهي (٩٣). اي ايمان وارؤ! الله ڪنهن شڪار (جي حڪم) سان جنهن کي اوهان جا هٿ يا اوهان جا تير پهچن اوهان کي هن لاءِ ضرور پرکيندو ته الله نکيڙي ته ڪير کانئس پريٺ ڊڄندو آهي؟ پوءِ جيڪو هن کان پوءِ حد کان لنگهندو تنهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (٩٤). اي ايمان وارؤ! اوهين احرام (جي حالت) ۾ شڪار نه ڪريو۔ ۽ اوهان مان جنهن ڄاڻي واڻي اُن کي ماريو پوءِ جيڪي ماريو اٿس تنهن جهڙو جانور، جنهن لاءِ اوهان مان ٻه معتبر فيصلو ڪن، سزا لازم آهي. اها قرباني ڪعبي وٽ پهچڻي آهي. يا (مٿس سزا) مسڪينن جو کاڌو ڪفارو آهي يا ان جي برابر روزا رکي هن لاءِ ته پنهنجي ڪم جي سزا چکي۔ جيڪي اڳي گذريو سو الله معاف ڪيو۔ ۽ جنهن موٽي (شڪار) ڪيو تنهن کان الله بدلو وٺندو ۽ الله زبردست بدلي وٺڻ وارو آهي (٩٥).

اُحِلَّ لَكُمْ صَيْدُ الْبَحْرِ وَطَعَامُهٗ مَتَاعًا لَّكُمْ وَلِلسَّيَّارَةِ ۚ وَحُرِّمَ
عَلَيْكُمْ صَيْدُ الْبَرِّ مَا دُمْتُمْ حُرُمًا ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِیْۤ اِلَیْهِ
تُحْشَرُوْنَ ﴿۹۶﴾ جَعَلَ اللّٰهُ الْكَعْبَةَ الْبَیْتَ الْحَرَامَ قِیٰمًا لِّلنَّاسِ
وَالشَّهْرَ الْحَرَامَ وَالْهَدْیَ وَالْقَلَآئِدَ ؕ ذٰلِكَ لِتَعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ
یَعْلَمُ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَمَا فِی الْاَرْضِ وَاَنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَیْءٍ
عَلِیْمٌ ﴿۹۷﴾ اِعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ شَدِیْدُ الْعِقَابِ وَاَنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ
رَّحِیْمٌ ﴿۹۸﴾ ؕ مَا عَلَى الرَّسُوْلِ اِلَّا الْبَلٰغُ ؕ وَاللّٰهُ یَعْلَمُ مَا تُبْدُوْنَ
وَمَا تَكْتُمُوْنَ ﴿۹۹﴾ قُلْ لَّا یَسْتَوِی الْخَبِیْثُ وَالطَّیِّبُ وَلَوْ
اَعْجَبَكَ كَثْرَةُ الْخَبِیْثِ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ یٰۤاُولِی الْاَلْبَابِ لَعَلَّكُمْ
تُفْلِحُوْنَ ﴿۱۰۰﴾ ع یٰۤاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا لَا تَسْــَٔلُوْا عَنْ اَشْیَآءَ اِنْ
تُبْدَ لَكُمْ تَسُؤْكُمْ ۚ وَاِنْ تَسْــَٔلُوْا عَنْهَا حِیْنَ یُنَزَّلُ الْقُرْاٰنُ تُبْدَ
لَكُمْ ؕ عَفَا اللّٰهُ عَنْهَا ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ حَلِیْمٌ ﴿۱۰۱﴾ قَدْ سَاَلَهَا قَوْمٌ
مِّنْ قَبْلِكُمْ ثُمَّ اَصْبَحُوْا بِهَا كٰفِرِیْنَ ﴿۱۰۲﴾ مَا جَعَلَ اللّٰهُ مِنْۢ
بَحِیْرَةٍ وَّلَا سَآئِبَةٍ وَّلَا وَصِیْلَةٍ وَّلَا حَامٍ ۙ وَّلٰكِنَّ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا
یَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ ؕ وَاَكْثَرُهُمْ لَا یَعْقِلُوْنَ ﴿۱۰۳﴾

درياءَ جو شڪار اوهان لاءِ حلال ڪيو ويو ۽ اُن جو کائڻ اوهان ۽ مسافرن لاءِ نفعي وارو آهي، ۽ جهنگ جو شڪار جيستائين اوهين احرام وارا هجو تيستائين اوهان تي حرام ڪيو ويو۔ ۽ اُن الله کان ڊڄو جنهن ڏانهن گڏ ڪيا ويندؤ (٩٦). الله تعظيم واري گهر ڪعبي ۽ تعظيم واري مهيني ۽ (ڪعبي ڏانهن موڪليل) قربانيءَ ۽ ڪنڌلي ٻڌل جانورن کي ماڻهن لاءِ بقاءَ جو سبب ڪيو۔ اِهو (هن لاءِ) ته اوهين ڄاڻو ته جيڪي اسمانن ۾ ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو بيشڪ الله ڄاڻندو آهي ۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي (٩٧). ڄاڻو ته الله سخت سزا ڏيندڙ آهي ۽ (هي به ته) الله بخشڻهار مهربان آهي (٩٨). پيغمبر تي رڳو پيغام پهچائڻ آهي۔ ۽ جيڪي پڌرو ڪندا آهيو ۽ جيڪي لڪائيندا آهيو (سو سڀ) الله ڄاڻندو آهي (٩٩). (اي پيغمبر!) چؤ ته پليت ۽ پاڪ برابر نه آهن جيتوڻيڪ پليت جي گهڻائي توکي زياده وڻي، پوءِ اي عقل وارؤ! الله کان ڊڄو ته مانَ اوهين ڇٽو (١٠٠). اي ايمان وارؤ! انهن شين بابت سوال نه ڪريو جن جي حقيقت جيڪڏهن اوهان تي پڌري ڪئي وڃي ته اوهان کي ڏکي لڳي ۽ جيڪڏهن قرآن لهڻ مهل اُن بابت سوال ڪريو ته اوهان لاءِ پڌرو ڪيو ويندو انهن (سوالن) کان الله اوهان کي معافي ڏني ۽ الله بخشڻهار بردبار آهي (١٠١). بيشڪ هڪ قوم اوهان کان اڳ اهڙين (ڳالهين) جو سوال ڪيو هو (پر سمجهائڻ تي) وري اُن جا ڦري منڪر ٿيا (١٠٢). الله نڪي بحيره ۽ نڪي سائبه ۽ نڪي وصيله ۽ نڪي حام مقرر ڪيو آهي* پر ڪافر الله تي ڪوڙ ٻڌندا آهن ۽ منجهائن گهڻا نه ٿا سمجهن (١٠٣).

---

* جاهليت جي زماني ۾ ماڻهن ڪيترائي من گهڙت احڪام ٺاهيا هئا جن جي باري ۾ پنهنجن گذريل وڏن جو قول دليل طور وٺندا هئا، جيئن ته ڪن جانورن تي هي نالا رکندا هئا: ١۔ بحيره: اها ڏاچي جنهن جا ڪن چيري بتن جي نالي ڪندا هئا ۽ ان جو کير ڪنهن کي نه ڏيندا هئا. ٢۔ سائبه: اهو جانور جنهن کي بتن جي نالي ڪري جهنگ ۾ ڇيڪ ڇڏيندا هئا ۽ ان جي پٺيءَ تي ڪوبه بار وغيره نه رکندا هئا. ٣۔ وصيله: اها ڏاچي جيڪا پهرين پيٽ کان گورڙي مادي ڄڻي ۽ پوءِ لڳاتار ماديون ڄڻي ته ان کي بتن جي نالي ڪري ڇڏيندا هئا. ۴۔ حام: اهو نر اٺ جنهن کان ڪجهه نسل وٺي پوءِ کيس آزاد ڪري ڇڏيندا هئا. (ڏسو فتح الرحمان ۽ تفسير الميسر).

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ تَعَالَوْا اِلٰى مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ وَاِلَى الرَّسُوْلِ قَالُوْا
حَسْبُنَا مَا وَجَدْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا ؕ اَوَلَوْ كَانَ اٰبَآؤُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ
شَيْـًٔا وَّلَا يَهْتَدُوْنَ ۝١٠٤ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا عَلَيْكُمْ اَنْفُسَكُمْ ۚ لَا
يَضُرُّكُمْ مَّنْ ضَلَّ اِذَا اهْتَدَيْتُمْ ؕ اِلَى اللّٰهِ مَرْجِعُكُمْ جَمِيْعًا فَيُنَبِّئُكُمْ
بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۝١٠٥ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا شَهَادَةُ بَيْنِكُمْ اِذَا
حَضَرَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ حِيْنَ الْوَصِيَّةِ اثْنٰنِ ذَوَا عَدْلٍ مِّنْكُمْ
اَوْ اٰخَرٰنِ مِنْ غَيْرِكُمْ اِنْ اَنْتُمْ ضَرَبْتُمْ فِى الْاَرْضِ فَاَصَابَتْكُمْ
مُّصِيْبَةُ الْمَوْتِ ؕ تَحْبِسُوْنَهُمَا مِنْۢ بَعْدِ الصَّلٰوةِ فَيُقْسِمٰنِ بِاللّٰهِ
اِنِ ارْتَبْتُمْ لَا نَشْتَرِىْ بِهٖ ثَمَنًا وَّلَوْ كَانَ ذَا قُرْبٰى ۙ وَلَا نَكْتُمُ
شَهَادَةَ ۙ اللّٰهِ اِنَّاۤ اِذًا لَّمِنَ الْاٰثِمِيْنَ ۝١٠٦ فَاِنْ عُثِرَ عَلٰۤى اَنَّهُمَا اسْتَحَقَّاۤ
اِثْمًا فَاٰخَرٰنِ يَقُوْمٰنِ مَقَامَهُمَا مِنَ الَّذِيْنَ اسْتَحَقَّ عَلَيْهِمُ
الْاَوْلَيٰنِ فَيُقْسِمٰنِ بِاللّٰهِ لَشَهَادَتُنَاۤ اَحَقُّ مِنْ شَهَادَتِهِمَا وَ
مَا اعْتَدَيْنَاۤ ۖ اِنَّاۤ اِذًا لَّمِنَ الظّٰلِمِيْنَ ۝١٠٧ ذٰلِكَ اَدْنٰۤى اَنْ يَّاْتُوْا
بِالشَّهَادَةِ عَلٰى وَجْهِهَاۤ اَوْ يَخَافُوْۤا اَنْ تُرَدَّ اَيْمَانٌۢ بَعْدَ اَيْمَانِهِمْ ؕ
وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاسْمَعُوْا ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ۝١٠٨ ع

۽ جڏهن کين چئبو آهي ته جيڪي الله لاٿو آهي تنهن ڏانهن ۽ پيغمبر ڏانهن اچو (تڏهن) چوندا آهن ته جنهن تي پنهنجن ابن ڏاڏن کي (هلندو) ڏٺوسون سو اسان لاءِ ڪافي آهي- جيتوڻيڪ سندن ابا ڏاڏا ڪجھ نه ڄاڻندا هئا ۽ نڪي هدايت وارا هئا؟ (١٠۴). اي مؤمنؤ! اوهين پنهنجن نفسن جي ڪريو، جڏهن اوهين هدايت وارا ٿيؤ، تڏهن اُهو اوهان کي نقصان نه رسائيندو جيڪو ڀلو- الله ڏانهن مڙني جو موٽڻ آهي پوءِ جيڪي اوهين ڪندا آهيو تنهن جي اوهان کي سُڌ ڏيندو (١٠٥). اي ايمان وارؤ! جڏهن اوهان مان ڪنهن کي موت ويجهو ٿئي ته وصيت ڪرڻ مهل ٻه معتبر شاهد ڪريو جي اوهان (مسلمانن) مان هجن يا اوهان کان سواءِ ٻيا (يعني غير قوم جا) هجن (اهو تڏهن) جيڪڏهن اوهين ملڪ ۾ مسافر هجو، پوءِ اوهان کي موت جي مصيبت پهچي- جيڪڏهن (اوهين سندن گواهي ڏيڻ ۾ ڪو) شڪ رکو ٿا ته (وچينءَ) نماز کان پوءِ اوهين ٻنهن کي جهليو پوءِ اُهي (ٻئي) الله جو قسم کڻي چون ته توڻيجو مائٽ هوندا ته به اسين قسم جي عوض ڪا بها نه وٺنداسون ۽ نڪي الله جي (حڪم واري) شاهدي لڪائينداسون (جي لڪائي سون) ته اُتي جو اُتي ضرور گنهگارن مان ٿينداسون (١٠٦). پوءِ جيڪڏهن معلوم ٿئي ته اُهي ٻئي گناه جوڳا ٿيا ته جن جي مال تي ٻئي حق رکيو آهي تن جي ويجهي مائٽي وارن مان ٻيا ٻه ڄڻا اُنهن جي بجاءِ اُٿن پوءِ الله جو قسم کڻي چون ته اُنهن ٻنهي جي شاهديءَ کان اسان جي شاهدي وڌيڪ سچي آهي ۽ حد کان نه لنگھنداسون نه ته اُتي جو اُتي ضرور ظالمن مان ٿينداسون (١٠٧). اهو (حڪم هن ڳالھ کي) ويجهو آهي ته اُهي (وصي ماڻهو) سچي ڳالھ جي شاهدي ڏيڻ يا پنهنجن قسمن کڻڻ کان پوءِ قسم جي رد ٿيڻ کان ڊڄن- ۽ الله کان ڊڄو ۽ (هي حڪم دل سان) ٻڌو- ۽ الله بي دين قوم کي سڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي (١٠٨).

يَوْمَ يَجْمَعُ اللّٰهُ الرُّسُلَ فَيَقُوْلُ مَاذَآ اُجِبْتُمْ ؕ قَالُوْا لَا عِلْمَ
لَنَا ؕ اِنَّكَ اَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ ﴿۱۰۹﴾ اِذْ قَالَ اللّٰهُ يٰعِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ
اذْكُرْ نِعْمَتِيْ عَلَيْكَ وَعَلٰى وَالِدَتِكَ ۘ اِذْ اَيَّدْتُّكَ بِرُوْحِ
الْقُدُسِ ۟ تُكَلِّمُ النَّاسَ فِي الْمَهْدِ وَكَهْلًا ۚ وَاِذْ عَلَّمْتُكَ الْكِتٰبَ
وَالْحِكْمَةَ وَالتَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ ۚ وَاِذْ تَخْلُقُ مِنَ الطِّيْنِ
كَهَيْـَٔةِ الطَّيْرِ بِاِذْنِيْ فَتَنْفُخُ فِيْهَا فَتَكُوْنُ طَيْرًا بِاِذْنِيْ وَ
تُبْرِئُ الْاَكْمَهَ وَالْاَبْرَصَ بِاِذْنِيْ ۚ وَاِذْ تُخْرِجُ الْمَوْتٰى بِاِذْنِيْ ۚ
وَاِذْ كَفَفْتُ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ عَنْكَ اِذْ جِئْتَهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ
فَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْهُمْ اِنْ هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿۱۱۰﴾ وَ
اِذْ اَوْحَيْتُ اِلَى الْحَوَارِيّٖنَ اَنْ اٰمِنُوْا بِيْ وَبِرَسُوْلِيْ ۚ قَالُوْٓا
اٰمَنَّا وَاشْهَدْ بِاَنَّنَا مُسْلِمُوْنَ ﴿۱۱۱﴾ اِذْ قَالَ الْحَوَارِيُّوْنَ
يٰعِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ هَلْ يَسْتَطِيْعُ رَبُّكَ اَنْ يُّنَزِّلَ
عَلَيْنَا مَآئِدَةً مِّنَ السَّمَآءِ ؕ قَالَ اتَّقُوا اللّٰهَ اِنْ كُنْتُمْ
مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱۱۲﴾ قَالُوْا نُرِيْدُ اَنْ نَّاْكُلَ مِنْهَا وَتَطْمَىِٕنَّ قُلُوْبُنَا
وَنَعْلَمَ اَنْ قَدْ صَدَقْتَنَا وَنَكُوْنَ عَلَيْهَا مِنَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿۱۱۳﴾

(ياد ڪر!) جنهن ڏينهن الله سڀني پيغمبرن کي گڏ ڪندو (تنهن ڏينهن) چوندو تہ اوهان کي ڇا جواب ڏنو ويو؟ چوندا تہ اسان کي (ماڻهن جي دلين جي) ڪا خبر نہ آهي- ڇو تہ تون ئي ڳجهن جو وڏو ڄاڻندڙ آهين (١٠٩). جڏهن (اُن ڏينهن) الله عيسيٰ پٽ مريم جي کي چوندو تہ پاڻ تي ۽ پنهنجي ماءُ تي منهنجيون نعمتون ياد ڪر- جڏهن توکي پاڪ روح سان مدد ڏنم (جو) ماڻهن سان پينگهي ۾ (خاص طرح) ۽ وڏي وهيءَ ۾ ڳالهائيندو هئين- ۽ جڏهن توکي ڪتاب ۽ دانائي ۽ توريت ۽ انجيل سيکاريم، ۽ جڏهن منهنجي حڪم سان مٽيءَ مان پکيءَ جي شڪل جهڙو بڻائيندو هئين پوءِ منجهس ڦوڪيندو هئين تہ منهنجي حڪم سان پکي ٿيو ۽ منهنجي حڪم سان ماءُ ڄاول انڌي ۽ ڪوڙهي کي ڇٽائيندو هئين، ۽ جڏهن مئل کي منهنجي حڪم سان (جيئرو ڪري) ڪڍندو هئين، ۽ جڏهن بني اسرائيلن (جي شر) کي توکان جهليم جڏهن وٽن معجزن سان آئين تڏهن منجهانئن ڪافرن چيو تہ هيءُ رڳو پڌرو جادو آهي (١١٠). ۽ جڏهن حوارين ڏانهن الهام ڪيم تہ مون تي ۽ منهنجي پيغمبر تي ايمان آڻيو، چيائون تہ ايمان آندوسون ۽ (اي عيسيٰ!) شاهد هج تہ اسين مسلمان آهيون (١١١). (ياد ڪريو!) جڏهن حوارين چيو تہ اي عيسيٰ پٽ مريم جا تنهنجو پالڻهار اسان تي آسمان کان ڪو (طعام جو) خوانچو لاهي سگهندو ڇا؟ عيسيٰ چيو تہ جيڪڏهن مؤمن آهيو تہ الله کان ڊڄو (١١٢). چيائون (اسين هيءُ) گهرون ٿا تہ منجهانئس کائون ۽ اسان جون دليون آرام وٺن ۽ ڄاڻون تہ اسان کي سچ چيو اٿيئي ۽ مٿس شاهد هجون (١١٣).

قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ اللّٰهُمَّ رَبَّنَآ اَنْزِلْ عَلَيْنَا مَآئِدَةً مِّنَ السَّمَآءِ
تَكُوْنُ لَنَا عِيْدًا لِّاَوَّلِنَا وَاٰخِرِنَا وَاٰيَةً مِّنْكَ ۚ وَارْزُقْنَا وَاَنْتَ
خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿١١٤﴾ قَالَ اللّٰهُ اِنِّيْ مُنَزِّلُهَا عَلَيْكُمْ ۚ فَمَنْ يَّكْفُرْ بَعْدُ
مِنْكُمْ فَاِنِّيْٓ اُعَذِّبُهٗ عَذَابًا لَّآ اُعَذِّبُهٗٓ اَحَدًا مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١١٥﴾ ع
وَاِذْ قَالَ اللّٰهُ يٰعِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ ءَاَنْتَ قُلْتَ لِلنَّاسِ اتَّخِذُوْنِيْ
وَاُمِّيَ اِلٰهَيْنِ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ قَالَ سُبْحٰنَكَ مَا يَكُوْنُ لِيْٓ اَنْ اَقُوْلَ
مَا لَيْسَ لِيْ ۗ بِحَقٍّ ؕ اِنْ كُنْتُ قُلْتُهٗ فَقَدْ عَلِمْتَهٗ ؕ تَعْلَمُ مَا فِيْ نَفْسِيْ
وَلَآ اَعْلَمُ مَا فِيْ نَفْسِكَ ؕ اِنَّكَ اَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ ﴿١١٦﴾ مَا قُلْتُ لَهُمْ
اِلَّا مَآ اَمَرْتَنِيْ بِهٖٓ اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ رَبِّيْ وَرَبَّكُمْ ۚ وَكُنْتُ عَلَيْهِمْ
شَهِيْدًا مَّا دُمْتُ فِيْهِمْ ۚ فَلَمَّا تَوَفَّيْتَنِيْ كُنْتَ اَنْتَ الرَّقِيْبَ عَلَيْهِمْ ؕ
وَاَنْتَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ ﴿١١٧﴾ اِنْ تُعَذِّبْهُمْ فَاِنَّهُمْ عِبَادُكَ ۚ وَاِنْ
تَغْفِرْ لَهُمْ فَاِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿١١٨﴾ قَالَ اللّٰهُ هٰذَا يَوْمُ يَنْفَعُ
الصّٰدِقِيْنَ صِدْقُهُمْ ؕ لَهُمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ
فِيْهَآ اَبَدًا ؕ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ ؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿١١٩﴾
لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا فِيْهِنَّ ؕ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٢٠﴾ ع

(تڏهن) عيسيٰ پٽ مريم جي چيو ته اي اسان جا پالڻهار الله! اسان تي هڪ دسترخوان آسمان کان لاهه ته اسان جي اڳين ۽ اسانجي پوين (سيني) لاءِ عيد ٿئي ۽ تنهنجي نشاني ٿئي، ۽ اسان کي روزي ڏي ۽ تون چڱو روزي ڏيندڙ آهين (١١٤). الله چيو ته آءٌ اوهان تي (دسترخوان) لاهيندس، پوءِ اوهان مان جيڪو هن کان پوءِ بي فرماني ڪندو تنهن کي آءٌ اهڙو سخت عذاب ڪندس جو جهانن (جي رهندڙن) مان ڪنهن هڪ کي ان جهڙو عذاب نه ڪندس (١١٥). ۽ (اُهو وقت ياد ڪر!) جڏهن الله چوندو ته اي عيسيٰ پٽ مريم جا! تو ماڻهن کي چيو هو ڇا؟ ته الله کان سواءِ مون کي ۽ منهنجي ماءُ کي به خدا ڪري مڃيو- (عيسيٰ) چوندو ته تون پاڪ آهين جنهن (چوڻ) جو مون کي ڪو حق نه آهي سو چوڻ مون کي ڪيئن جڳائيندو هو؟ جيڪڏهن مون اُهو چيو هوندو ته بيشڪ اُهو توکي معلوم هوندو- جيڪي منهنجي دل ۾ آهي سو (تون) ڄاڻندو آهين ۽ جيڪي تنهنجي دل ۾ آهي سو (آءٌ) نه ڄاڻندو آهيان- ڇو ته تون ئي ڳجهن جو ڏاڍو ڄاڻندڙ آهين (١١٦). جنهن لاءِ مون کي حڪم ڪيو اٿيئي تنهن کان سواءِ (ٻيو ڪجهه) کين نه چيو اٿم (يعني) هي ته الله جي عبادت ڪريو جو منهنجو پالڻهار ۽ اوهان جو پالڻهار آهي، جيسين منجهن رهيس تيسين (آءٌ) مٿن نگهبان رهيس پوءِ جنهن مهل تو مون کي ڪڍي ورتو ته تون ئي مٿن نگهبان رهين ۽ تون سڀ ڪنهن شيءِ تي خبردار آهين (١١٧). جيڪڏهن کين عذاب ڪرين ته اُهي تنهنجا ٻانها آهن، ۽ جيڪڏهن کين بخشين ته تون ئي غالب حڪمت وارو آهين (١١٨). الله فرمائيندو ته هي اُهو ڏينهن آهي جو سچن کي سندين سچائي فائدو ڏيندي- اُنهن لاءِ (اُهي) بهشت آهن جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن منجهن اصلي سدائين رهڻ وارا آهن- الله کائن راضي آهي ۽ اُهي کانئس راضي آهن اِها وڏي مراد ماڻڻ آهي (١١٩). اسمانن ۽ زمين جي ۽ جيڪي منجهن آهي تنهن جي بادشاهي الله جي آهي ۽ اُهو سڀ ڪنهن شيءِ تي وسارو آهي (١٢٠).

# سُوْرَةُ الْاَنْعَامِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَجَعَلَ الظُّلُمٰتِ
وَالنُّوْرَ ط ثُمَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ يَعْدِلُوْنَ ﴿١﴾ هُوَ الَّذِيْ
خَلَقَكُمْ مِّنْ طِيْنٍ ثُمَّ قَضٰٓى اَجَلًا ط وَاَجَلٌ مُّسَمًّى عِنْدَهٗ ثُمَّ اَنْتُمْ
تَمْتَرُوْنَ ﴿٢﴾ وَهُوَ اللّٰهُ فِي السَّمٰوٰتِ وَفِي الْاَرْضِ ط يَعْلَمُ سِرَّكُمْ وَ
جَهْرَكُمْ وَيَعْلَمُ مَا تَكْسِبُوْنَ ﴿٣﴾ وَمَا تَاْتِيْهِمْ مِّنْ اٰيَةٍ مِّنْ اٰيٰتِ
رَبِّهِمْ اِلَّا كَانُوْا عَنْهَا مُعْرِضِيْنَ ﴿٤﴾ فَقَدْ كَذَّبُوْا بِالْحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمْ ط
فَسَوْفَ يَاْتِيْهِمْ اَنْۢبٰٓؤُا مَا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٥﴾ اَلَمْ يَرَوْا كَمْ
اَهْلَكْنَا مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ قَرْنٍ مَّكَّنّٰهُمْ فِي الْاَرْضِ مَا لَمْ نُمَكِّنْ لَّكُمْ
وَاَرْسَلْنَا السَّمَآءَ عَلَيْهِمْ مِّدْرَارًا ص وَّجَعَلْنَا الْاَنْهٰرَ تَجْرِيْ مِنْ
تَحْتِهِمْ فَاَهْلَكْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ وَاَنْشَاْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ قَرْنًا اٰخَرِيْنَ ﴿٦﴾
وَلَوْ نَزَّلْنَا عَلَيْكَ كِتٰبًا فِيْ قِرْطَاسٍ فَلَمَسُوْهُ بِاَيْدِيْهِمْ لَقَالَ
الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٧﴾ وَقَالُوْا لَوْلَآ اُنْزِلَ
عَلَيْهِ مَلَكٌ ط وَلَوْ اَنْزَلْنَا مَلَكًا لَّقُضِيَ الْاَمْرُ ثُمَّ لَا يُنْظَرُوْنَ ﴿٨﴾

سورة انعام مڪي آهي ۽ هيءَ هڪ سؤ
پنجهٺ آيتون ۽ ويهه رڪوع آهي.

اللہ ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

سڀ ساراهہ (خاص) اُن اللہ کي جڳائي جنهن آسمانن ۽ زمين کي بڻايو ۽ اونده ۽ سوجهرو پيدا ڪيو- وري (بہ) ڪافر پنهنجي پالڻهار سان (ٻين کي) برابر ڪندا آهن (١). اُهو (ئي اللہ) آهي جنهن اوهان کي مٽيءَ مان بڻايو وري (اوهان جي جيئڻ ۽ موت جي) مدت ٺهرايائين- ۽ (هڪڙي ٻي) مدت وٽس مقرر ٿيل آهي. وري (اي ڪافرؤ! اللہ بابت) اوهين شڪ ڪندا آهيو (٢). (اُهو ئي) اللہ آسمانن ۽ زمين ۾ (سڀ ڪنهن جو معبود) آهي- اوهان جو ڳجهہ ۽ اوهان جو ظاهر ڄاڻندو آهي ۽ جيڪي ڪندا آهيو سو (بہ) ڄاڻندو آهي (٣). سندن پالڻهار جي آيتن مان ڪا آيت وٽن نہ ايندي آهي پر ڪانئس منهن موڙيندڙ آهن (۴). پوءِ بيشڪ سچ (يعني قرآن) کي جنهن مهل وٽن آيو (تنهن مهل) ڪوڙ ڀانيائون- پوءِ جنهن (ڳالهہ) بابت چٿر ڪندا آهن تنهن جي (سزا جون) خبرون وٽن سگهو پهچنديون (٥). (ڪافر) نہ ڏسندا آهن ڇا؟ تہ ڪانئن اڳ ڪيترا طبقا ناس ڪياسون جن کي زمين ۾ اهڙي طاقت ڏني هئي سون جو اوهان کي بہ نہ ڏني اٿؤن ۽ مٿن آسمان کان مينهن سانده وساياسون ۽ سندن هيٺان واهيون وهندڙ ڪيون سون پوءِ انهن کي سندن گناهن سببان هلاڪ ڪيوسون ۽ سندن پوئتان ٻين قومن کي پيدا ڪيوسون (٦). ۽ جيڪڏهن توتي ڪاغذن ۾ (لکيل) ڪتاب (قرآن) نازل ڪريون ها پوءِ اُهي پنهنجا هٿ کيس لائين ها تہ جيڪي ڪافر آهن سي ضرور چون ها تہ هيءَ تہ رڳو پڌرو جادو آهي (٧). ۽ چون ٿا تہ مٿس ملائڪ ڇو نہ لاٿو ويو؟ ۽ جيڪڏهن اسين ملائڪ نازل ڪريون ها تہ ضرور ڪم پورو ٿي وڃي ها (يعني هلاڪ ٿي وڃن ها) وري کين مهلت (مور) نہ ڏجي ها (٨).

وَلَوْ جَعَلْنٰهُ مَلَكًا لَّجَعَلْنٰهُ رَجُلًا وَّلَلَبَسْنَا عَلَيْهِمْ مَّا
يَلْبِسُوْنَ ﴿٩﴾ وَلَقَدِ اسْتُهْزِئَ بِرُسُلٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَحَاقَ
بِالَّذِيْنَ سَخِرُوْا مِنْهُمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿١٠﴾ قُلْ
سِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ ثُمَّ انْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ ﴿١١﴾
قُلْ لِّمَنْ مَّا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ قُلْ لِّلّٰهِ ؕ كَتَبَ عَلٰى
نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ ؕ لَيَجْمَعَنَّكُمْ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَا رَيْبَ فِيْهِ ؕ اَلَّذِيْنَ
خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٢﴾ وَلَهٗ مَا سَكَنَ فِي الَّيْلِ
وَالنَّهَارِ ؕ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿١٣﴾ قُلْ اَغَيْرَ اللّٰهِ اَتَّخِذُ وَلِيًّا
فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَهُوَ يُطْعِمُ وَلَا يُطْعَمُ ؕ قُلْ
اِنِّيْٓ اُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ اَوَّلَ مَنْ اَسْلَمَ وَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ
الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٤﴾ قُلْ اِنِّيْٓ اَخَافُ اِنْ عَصَيْتُ رَبِّيْ عَذَابَ
يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿١٥﴾ مَنْ يُّصْرَفْ عَنْهُ يَوْمَئِذٍ فَقَدْ رَحِمَهٗ ؕ وَ
ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْمُبِيْنُ ﴿١٦﴾ وَاِنْ يَّمْسَسْكَ اللّٰهُ بِضُرٍّ فَلَا كَاشِفَ
لَهٗٓ اِلَّا هُوَ ؕ وَاِنْ يَّمْسَسْكَ بِخَيْرٍ فَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ
قَدِيْرٌ ﴿١٧﴾ وَهُوَ الْقَاهِرُ فَوْقَ عِبَادِهٖ ؕ وَهُوَ الْحَكِيْمُ الْخَبِيْرُ ﴿١٨﴾

۽ جيڪڏهن ڪيس ملائڪ ڪريون ها تہ ضرور ڪيس مرد (جي شڪل ۾) بڻايون ها ۽ جهڙو شبهو (هاڻي) ڪندا آهن تهڙو شبهو مٿن قائم رکون ها (٩). ۽ بيشڪ توکان اڳ (ٻين) پيغمبرن سان (بہ) چٿر ڪئي ويئي (آهي) پوءِ منجهانئن جن چٿرون ڪيون تن تي جنهن (ڳالهہ) تي چٿر ڪندا هئا تنهن (جي سزا اچي) گهيرو ڪيو (١٠). (اي پيغمبر! ڪين) چؤ تہ ملڪ ۾ گهمو وري ڏسو تہ ڪوڙن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي؟ (١١). (اي پيغمبر! ڪائنن) پڇا ڪر تہ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو ڪنهن جو آهي؟ چؤ تہ الله جو آهي جنهن (ٻانهن تي) ٻاجهہ (ڪرڻ) پاڻ تي لازم ڪئي آهي- قيامت جي ڏينهن جنهن ۾ شڪ نہ آهي ضرور اوهان کي گڏ ڪندو جن پاڻ کي خساري ۾ وڌو سي ڪڏهن ايمان نہ آڻيندا (١٢). ۽ جيڪو رات ۽ ڏينهن ۾ رهندو آهي سو اُن جي ملڪ آهي- ۽ اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (١٣). (اي پيغمبر! ڪين) چؤ تہ آسمانن ۽ زمين جي بڻائيندڙ الله کان سواءِ ٻئي کي سنڀاليندڙ ڪري ڇو وٺان؟ ۽ اُهو (سڀني کي) روزي ڏيندو آهي ۽ کيس روزي ڪوئي نہ ڏيندو آهي، چؤ تہ مون کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ پهريون مسلمان آءٌ هجان ۽ (فرمايو ويو تہ) تون مشرڪن مان مور نہ هج (١٤). چؤ تہ جيڪڏهن پنهنجي پالڻهار جو چيو نہ مڃيان تہ آءٌ وڏي ڏينهن جي عذاب (پهچڻ) کان ڊڄان ٿو (١٥). اُن ڏينهن جنهن (ماڻهوءَ) کان (عذاب) ٽاريو ويندو تنهن تي بيشڪ ٻاجهہ ڪئي ويئي- ۽ اها پڌري مراد ماڻڻ آهي (١٦). جيڪڏهن الله توکي ڪو ڏک پهچائي تہ اُن (الله) کان سواءِ اُن جو ڪو لاهيندڙ نہ آهي- ۽ جيڪڏهن اُهو توکي سک پهچائي تہ اُهو سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي (١٧). ۽ اُهو پنهنجن ٻانهن تي غالب آهي ۽ اُهو حڪمت وارو خبر رکندڙ آهي (١٨).

قُلْ اَيُّ شَيْءٍ اَكْبَرُ شَهَادَةً ؕ قُلِ اللّٰهُ ۙ شَهِيْدٌۢ بَيْنِيْ وَبَيْنَكُمْ ۙ
وَاُوْحِيَ اِلَيَّ هٰذَا الْقُرْاٰنُ لِاُنْذِرَكُمْ بِهٖ وَمَنْۢ بَلَغَ ؕ اَئِنَّكُمْ
لَتَشْهَدُوْنَ اَنَّ مَعَ اللّٰهِ اٰلِهَةً اُخْرٰى ؕ قُلْ لَّاۤ اَشْهَدُ ۚ قُلْ اِنَّمَا
هُوَ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ وَّاِنَّنِيْ بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تُشْرِكُوْنَ ﴿۱۹﴾ اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ
الْكِتٰبَ يَعْرِفُوْنَهٗ كَمَا يَعْرِفُوْنَ اَبْنَآءَهُمْ ۘ اَلَّذِيْنَ خَسِرُوْۤا اَنْفُسَهُمْ
فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۲۰﴾ ع وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ
كَذَّبَ بِاٰيٰتِهٖ ؕ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۲۱﴾ وَيَوْمَ نَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا
ثُمَّ نَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ اَشْرَكُوْۤا اَيْنَ شُرَكَآؤُكُمُ الَّذِيْنَ كُنْتُمْ
تَزْعُمُوْنَ ﴿۲۲﴾ ثُمَّ لَمْ تَكُنْ فِتْنَتُهُمْ اِلَّاۤ اَنْ قَالُوْا وَاللّٰهِ رَبِّنَا مَا كُنَّا
مُشْرِكِيْنَ ﴿۲۳﴾ اُنْظُرْ كَيْفَ كَذَبُوْا عَلٰۤى اَنْفُسِهِمْ وَضَلَّ عَنْهُمْ
مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿۲۴﴾ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّسْتَمِعُ اِلَيْكَ ۚ وَجَعَلْنَا عَلٰى
قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ يَّفْقَهُوْهُ وَفِيْۤ اٰذَانِهِمْ وَقْرًا ؕ وَاِنْ يَّرَوْا كُلَّ
اٰيَةٍ لَّا يُؤْمِنُوْا بِهَا ؕ حَتّٰۤى اِذَا جَآءُوْكَ يُجَادِلُوْنَكَ يَقُوْلُ الَّذِيْنَ
كَفَرُوْۤا اِنْ هٰذَاۤ اِلَّاۤ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿۲۵﴾ وَهُمْ يَنْهَوْنَ عَنْهُ
وَيَنْــٔـَوْنَ عَنْهُ ۚ وَاِنْ يُّهْلِكُوْنَ اِلَّاۤ اَنْفُسَهُمْ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ﴿۲۶﴾

پڇا ڪر تہ شاهدي ۾ ڪير وڏو آهي؟ چؤ تہ منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ الله ئي گواهہ آهي ۽ مون ڏانهن هي قرآن هن لاءِ وحي ڪيو ويو آهي تہ اُن سان اوهان کي ۽ جن جن کي (هي قرآن) پهچي (تن سڀني کي) ڊيڄاريان۔ (هي ڳالهہ) اوهين ثابت ڪري سگهندؤ ڇا تہ الله سان ٻيا (ٻہ) عبادت جا لائق آهن؟ چؤ تہ آءٌ (اهڙي باطل ڪم جي) شاهدي نہ ٿو ڏيان۔ (بلڪل سچي ڳالهہ جي ثابتي لاءِ) چؤ تہ هڪ الله کان سواءِ ڪوئي عبادت جو لائق ڪونهي ۽ جن کي اوهين شريڪ بڻائيندا آهيو تن کان آءٌ بيزار آهيان (١٩). جن کي ڪتاب ڏنوسين سي اُن (پيغمبر) کي اهڙيءَ طرح سڃاڻندا آهن جهڙي طرح پنهنجن پٽن کي سڃاڻندا آهن جن پاڻ کي نقصان ۾ وڌو سي ايمان نہ آڻيندا (٢٠). اُن کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي؟ جنهن الله تي ڪوڙو ناهہ ناهيو يا سندس آيتن کي ڪوڙو ڄاتو، ڪو شڪ نہ آهي تہ ظالم نہ ڇٽندا (٢١). ۽ (اُهو وقت ياد ڪر) جنهن ڏينهن اُهي مڙيئي گڏ ڪنداسين وري مشرڪن کي چونداسين تہ اوهان جا اُهي شريڪ جن کي اوهين (الله جو شريڪ) ڀانئيندا هيؤ ڪٿي آهن؟ (٢٢). وري سندن ڪوئي عذر هن چوڻ کانسواءِ نہ رهندو تہ پنهنجي پالڻهار الله جو قسم اٿئون تہ اسين شرڪ ڪندڙ نہ هئاسون (٢٣). (اي پيغمبر!) ڏس تہ پاڻ تي ڪهڙو ڪوڙ چيائون ۽ جيڪي ناهہ ناهيندا آهن سي کائن ڀلجي ويا (٢٤). ۽ منجهائن ڪو اهڙو آهي جو تو ڏانهن (قرآن ٻڌڻ لاءِ) ڪن ڏيندو آهي، ۽ سندين دلين تي اُن جي سمجهڻ کان ڍڪ ۽ سندن ڪنن ۾ گهبرائي ڪئي اٿؤن ۽ جيڪڏهن سڀ معجزا ڏسندا تہ (بہ) ڪين نہ مڃيندا۔ تانجو جنهن مهل توسان جهڳڙو ڪندڙ ٿي تو وٽ ايندا (تنهن مهل) ڪافر چوندا تہ هيءُ اڳين جي آکاڻين کانسواءِ (ٻيو) ڪجهہ نہ آهي (٢٥). ۽ اُهي اُن (جي ٻڌڻ) کان (ٻين کي) جهليندا آهن ۽ (پاڻ بہ) کانئس پري ڀڄندا آهن ۽ پاڻ کان سواءِ (ٻئي ڪنهن کي) هلاڪ نہ ٿا ڪن ۽ نہ ڄاڻندا آهن (٢٦).

وَلَوْ تَرٰٓى اِذْ وُقِفُوْا عَلَى النَّارِ فَقَالُوْا يٰلَيْتَنَا نُرَدُّ وَلَا نُكَذِّبَ
بِاٰيٰتِ رَبِّنَا وَنَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٢٧﴾ بَلْ بَدَا لَهُمْ مَّا كَانُوْا
يُخْفُوْنَ مِنْ قَبْلُ ؕ وَلَوْ رُدُّوْا لَعَادُوْا لِمَا نُهُوْا عَنْهُ وَاِنَّهُمْ
لَكٰذِبُوْنَ ﴿٢٨﴾ وَقَالُوْٓا اِنْ هِيَ اِلَّا حَيَاتُنَا الدُّنْيَا وَمَا نَحْنُ
بِمَبْعُوْثِيْنَ ﴿٢٩﴾ وَلَوْ تَرٰٓى اِذْ وُقِفُوْا عَلٰى رَبِّهِمْ ؕ قَالَ اَلَيْسَ
هٰذَا بِالْحَقِّ ؕ قَالُوْا بَلٰى وَرَبِّنَا ؕ قَالَ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا
كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ﴿٣٠﴾ ع قَدْ خَسِرَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِلِقَآءِ اللّٰهِ ؕ حَتّٰٓى
اِذَا جَآءَتْهُمُ السَّاعَةُ بَغْتَةً قَالُوْا يٰحَسْرَتَنَا عَلٰى مَا فَرَّطْنَا فِيْهَا ۙ
وَهُمْ يَحْمِلُوْنَ اَوْزَارَهُمْ عَلٰى ظُهُوْرِهِمْ ؕ اَلَا سَآءَ مَا يَزِرُوْنَ ﴿٣١﴾ وَ
مَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا لَعِبٌ وَّلَهْوٌ ؕ وَلَلدَّارُ الْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ
يَتَّقُوْنَ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿٣٢﴾ قَدْ نَعْلَمُ اِنَّهٗ لَيَحْزُنُكَ الَّذِيْ
يَقُوْلُوْنَ فَاِنَّهُمْ لَا يُكَذِّبُوْنَكَ وَلٰكِنَّ الظّٰلِمِيْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ
يَجْحَدُوْنَ ﴿٣٣﴾ وَلَقَدْ كُذِّبَتْ رُسُلٌ مِّنْ قَبْلِكَ فَصَبَرُوْا عَلٰى
مَا كُذِّبُوْا وَاُوْذُوْا حَتّٰٓى اَتٰهُمْ نَصْرُنَا ۚ وَلَا مُبَدِّلَ
لِكَلِمٰتِ اللّٰهِ ۚ وَلَقَدْ جَآءَكَ مِنْ نَّبَاِى الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٣٤﴾

۽ جڏهن (اُهي) باه تي بيهاربا تڏهن جيڪر ڪين ڏسين! (تہ عجب ڪرين) پوءِ چوندا تہ اسان کي ارمان آهي (جيڪر دنيا ۾) موٽايا وڃون ۽ پنهنجي پالڻهار جي آيتن کي ڪوڙ نہ ڀانيون ۽ مؤمنن مان ٿيون (٢٧). (نہ!) بلڪ هن کان اڳ جيڪي (ڪفر ۽ گناه) لڪائيندا هئا سي (اڄ) کين پڌرا نظر آيا ۽ جيڪڏهن (دنيا ڏانهن) موٽايا وڃن تہ جنهن (ڪم) کان جهليا ويا سوئي وري ڪرڻ لڳندا ۽ بيشڪ اُهي ضرور ڪوڙا آهن (٢٨). ۽ چون ٿا تہ هن دنيا جي حياتيءَ کان سواءِ (ٻيو ڪجهہ) نہ آهي ۽ اسين (مرڻ کان پوءِ وري) اُٿڻ وارا نہ آهيون (٢٩). ۽ جنهن مهل پنهنجي پالڻهار جي اڳو بيهاربا (تنهن مهل) جيڪڏهن ڪين ڏسين (تہ عجب ڪرين)، (الله) چوندو تہ هيءُ (وري جيئرو ٿيڻ) سچ نہ آهي ڇا؟ چوندا هائو اسان کي پنهنجي پالڻهار جو قسم آهي! (تہ سچ آهي)۔ (الله) چوندو تہ جيڪي اوهين ڪفر ڪندا هيؤ تنهن سببان عذاب (جو مزو) چکو (٣٠). جن الله جي ملڻ کي ڪوڙ ڀانيو سي بيشڪ خساري وارا ٿيا۔ تان جو جڏهن اوچتو انهن تي قيامت ايندي (تڏهن) چوڻ لڳندا تہ اسان اُن (قيامت) بابت جا ڪوتاهي ڪئي، تنهن تي اسان کي افسوس آهي ۽ اُهي پنهنجو بار پنهنجن پٺين تي کڻندا۔ خبردار! جيڪي کڻندا سو بڇڙو آهي (٣١). ۽ دنيا جي حياتي رڳو راند ۽ ڇرچو آهي۔ ۽ جيڪي پرهيزگار آهن تن لاءِ آخرت جي جاءِ ڀلي آهي۔ پوءِ ڇو نہ ٿا سمجهو؟ (٣٢). بيشڪ ڄاڻون ٿا تہ جيڪي (اُهي) چوندا آهن سو توکي ضرور غمگين ڪندو پوءِ اُهي نہ (رڳو) توکي ڪوڙو چوندا آهن پر ظالم الله جي آيتن جو انڪار ڪندا آهن (٣٣). ۽ بيشڪ توکان اڳ (گهڻا) پيغمبر ڪوڙا سمجهيا ويا هئا پوءِ پنهنجي ڪوڙي ڀانئجڻ ۽ پنهنجي ڏکوئجڻ تي ايسين صبر ڪندا رهيا جيسين کين اسان جي مدد پهتي، ۽ الله جي ڳالهين (يعني انجامن) کي (ڪوبہ) ڦيريندڙ نہ آهي ۽ بيشڪ تو وٽ پيغمبرن جي ڪجهہ خبر آئي آهي (٣٤).

وَاِنْ كَانَ كَبُرَ عَلَيْكَ اِعْرَاضُهُمْ فَاِنِ اسْتَطَعْتَ اَنْ تَبْتَغِيَ
نَفَقًا فِي الْاَرْضِ اَوْ سُلَّمًا فِي السَّمَآءِ فَتَاْتِيَهُمْ بِاٰيَةٍ ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ
لَجَمَعَهُمْ عَلَى الْهُدٰى فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْجٰهِلِيْنَ ﴿٣٥﴾ اِنَّمَا يَسْتَجِيْبُ
الَّذِيْنَ يَسْمَعُوْنَ ؕ وَالْمَوْتٰى يَبْعَثُهُمُ اللّٰهُ ثُمَّ اِلَيْهِ يُرْجَعُوْنَ ﴿٣٦﴾ وَ
قَالُوْا لَوْلَا نُزِّلَ عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ قُلْ اِنَّ اللّٰهَ قَادِرٌ عَلٰٓى اَنْ
يُّنَزِّلَ اٰيَةً وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٧﴾ وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِي
الْاَرْضِ وَلَا طٰٓئِرٍ يَّطِيْرُ بِجَنَاحَيْهِ اِلَّآ اُمَمٌ اَمْثَالُكُمْ ؕ مَا فَرَّطْنَا
فِي الْكِتٰبِ مِنْ شَيْءٍ ثُمَّ اِلٰى رَبِّهِمْ يُحْشَرُوْنَ ﴿٣٨﴾ وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا
بِاٰيٰتِنَا صُمٌّ وَّبُكْمٌ فِي الظُّلُمٰتِ ؕ مَنْ يَّشَاِ اللّٰهُ يُضْلِلْهُ ؕ وَمَنْ يَّشَاْ
يَجْعَلْهُ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٣٩﴾ قُلْ اَرَءَيْتَكُمْ اِنْ اَتٰىكُمْ عَذَابُ
اللّٰهِ اَوْ اَتَتْكُمُ السَّاعَةُ اَغَيْرَ اللّٰهِ تَدْعُوْنَ ۚ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٤٠﴾
بَلْ اِيَّاهُ تَدْعُوْنَ فَيَكْشِفُ مَا تَدْعُوْنَ اِلَيْهِ اِنْ شَآءَ وَتَنْسَوْنَ
مَا تُشْرِكُوْنَ ﴿٤١﴾ وَلَقَدْ اَرْسَلْنَآ اِلٰٓى اُمَمٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَاَخَذْنٰهُمْ بِالْبَاْسَآءِ
وَالضَّرَّآءِ لَعَلَّهُمْ يَتَضَرَّعُوْنَ ﴿٤٢﴾ فَلَوْلَآ اِذْ جَآءَهُمْ بَاْسُنَا تَضَرَّعُوْا
وَلٰكِنْ قَسَتْ قُلُوْبُهُمْ وَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٤٣﴾

جيڪڏهن سندن منهن موڙڻ توکي ڏکيو لڳي ٿو ته جيڪڏهن زمين ۾ ڪا سرنگھ هٿي سگھين يا آسمان تي ڪا ڏاڪڻ تاهي سگھين پوءِ وٽن ڪو معجزو آڻين (ته آڻي اُنهن کي ڏيکار!) ۽ جيڪڏهن الله گھري ها ته ضرور مڙني کي هدايت تي گڏ ڪري ها پوءِ اڻ ڄاڻن مان نه هج (٣٥). جيڪي (حق طلبيندڙ ٿي حقي ڳالھ کي) ٻڌندا آهن سي ئي (اسلام جي دعوت قبول) ڪندا آهن (اُنهن کي الله هدايت ڪندو آهي) ۽ مئلن (يعني ڪافرن) کي الله قيامت جي ڏينهن اٿاريندو وري ڏانهنس موٽايا ويندا (٣٦). ۽ چون ٿا ته سندس پالڻهار وٽان اُن (پيغمبر) تي ڪا نشاني ڇو نه لاٿي ويئي؟ (اي پيغمبر!) کين چؤ ته الله نشانيءَ جي لاهڻ تي وسوارو آهي پر منجهانئن گھڻا (ماڻهو) نه ڄاڻندا آهن (٣٧). ۽ نڪو زمين ۾ ڪوئي چُرندڙ آهي ۽ نڪو پکي آهي جو پنهنجين کنبڙاتين سان اُڏامي ٿو پر اوهان جھڙيون ئي قومون آهن. (سڀ) ڪا شيءِ ڪتاب (يعني لوح محفوظ) ۾ لکڻ کان سواءِ نه ڇڏي سون وري پنهنجي پالڻهار ڏانهن گڏ ڪيا ويندا (٣٨). ۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڄاتو سي گونگا ۽ ٻوڙا اونداهين ۾ (پيل) آهن. الله جنهن کي گھري تنهن کي ڀُلائيندو آهي ۽ جنهن کي گھري تنهن کي سڌي واٽ تي بيهڪ ڏيندو آهي (٣٩). (اي پيغمبر! کين) چؤ ته (اوهين) ڏسو جيڪڏهن الله جو عذاب اوهان کي پهچي يا قيامت اوهان وٽ اچي ته جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته الله کان سواءِ ڪنهن کي سڏيندؤ؟ (٤٠). (نه!) بلڪ خاص اُن کي سڏيندا آهيو پوءِ جيڪڏهن گھري ته جنهن (مصيبت جي لاهڻ) لاءِ اوهين کيس سڏيندا آهيو سا لاهي ڇڏي ۽ جنهن کي (الله سان) شريڪ ڪندا آهيو سو (اُنهي مهل) وساريندا آهيو (٤١). ۽ بيشڪ اسان توکان اڳ (گھڻين) اُمتن ڏانهن (پيغمبر) موڪليا پوءِ (اُنهن جي بي فرماني سبب) کين اسان سختي ۽ تڪليف ڏيئي پڪڙيو ته مان اُهي زاري ڪن (٤٢). پوءِ جنهن مهل اسان جو عذاب وٽن پهتو ٿي (تنهن مهل) ڇو نه ٿي زاري ڪيائون؟ پر سندين دليون سخت ٿي ويون هيون ۽ جيڪي ڪم ڪندا هئا سي شيطان اُنهن لاءِ سينگاريا (٤٣).

فَلَمَّا نَسُوْا مَا ذُكِّرُوْا بِهٖ فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ اَبْوَابَ كُلِّ شَيْءٍ ؕ
حَتّٰۤى اِذَا فَرِحُوْا بِمَاۤ اُوْتُوْۤا اَخَذْنٰهُمْ بَغْتَةً فَاِذَا هُمْ
مُّبْلِسُوْنَ ﴿۴۴﴾ فَقُطِعَ دَابِرُ الْقَوْمِ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ؕ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ
رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۴۵﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَخَذَ اللّٰهُ سَمْعَكُمْ وَ
اَبْصَارَكُمْ وَخَتَمَ عَلٰى قُلُوْبِكُمْ مَّنْ اِلٰهٌ غَيْرُ اللّٰهِ يَاْتِيْكُمْ بِهٖ ؕ اُنْظُرْ
كَيْفَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ ثُمَّ هُمْ يَصْدِفُوْنَ ﴿۴۶﴾ قُلْ اَرَءَيْتَكُمْ اِنْ
اَتٰىكُمْ عَذَابُ اللّٰهِ بَغْتَةً اَوْ جَهْرَةً هَلْ يُهْلَكُ اِلَّا الْقَوْمُ
الظّٰلِمُوْنَ ﴿۴۷﴾ وَمَا نُرْسِلُ الْمُرْسَلِيْنَ اِلَّا مُبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ ۚ
فَمَنْ اٰمَنَ وَاَصْلَحَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۴۸﴾
وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا يَمَسُّهُمُ الْعَذَابُ بِمَا كَانُوْا
يَفْسُقُوْنَ ﴿۴۹﴾ قُلْ لَّاۤ اَقُوْلُ لَكُمْ عِنْدِيْ خَزَآئِنُ اللّٰهِ وَلَاۤ اَعْلَمُ
الْغَيْبَ وَلَاۤ اَقُوْلُ لَكُمْ اِنِّيْ مَلَكٌ ۚ اِنْ اَتَّبِعُ اِلَّا مَا يُوْحٰۤى اِلَيَّ ؕ
قُلْ هَلْ يَسْتَوِي الْاَعْمٰى وَالْبَصِيْرُ ؕ اَفَلَا تَتَفَكَّرُوْنَ ﴿۵۰﴾ ع
وَاَنْذِرْ بِهِ الَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ اَنْ يُّحْشَرُوْۤا اِلٰى رَبِّهِمْ لَيْسَ
لَهُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ وَلِيٌّ وَّلَا شَفِيْعٌ لَّعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿۵۱﴾

پوءِ جيڪا نصيحت ڏني وين سا جنهن مهل وساريائون (تنهن مهل) مٿن هر شيءِ جا دروازا کولياسون- تان جو جيڪي ڏنو وين تنهن سان جڏهن (چڱيءَ طرح) خوش ٿيا (تڏهن) کين اوچتو پڪڙيو سون پوءِ اُهي اُنهيءَ مهل نااُميد ٿيا (۴۴) . پوءِ ظالم قوم جي پاڙ پٽي ويئي- ۽ سڀ ساراه جهانن جي پالڻهار الله کي جڳائي (۴۵) . (اي پيغمبر! کين) چؤ ته ڏسو ته جيڪڏهن الله اوهان جا ڪن ۽ اوهان جون اکيون کسي وٺي ۽ اوهان جي دلين تي مهر هڻي ته اُنهيءَ الله کان سواءِ ڪير ٻيو خدا اوهان کي اُهي ڏيندو؟ ڏس ته ڪهڙا دليل بيان ڪريون ٿا وري به اُهي پاسو ڪندا آهن (۴٦) . (اي پيغمبر کين) چؤ ته اوهين خبر ڏيو ته جيڪڏهن الله جو عذاب اوچتو يا ظاهر ظهور اوهان کي پهچي ته ظالم قوم کان سواءِ (ٻيو ڪو) هلاڪ ٿيندو ڇا؟ (۴۷) . ۽ پيغمبرن کي خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليوسون پوءِ جن مڃيو ۽ پاڻ سڌاريو تن کي ڪو ڀؤ نه آهي ۽ نڪي اُهي غمگين ٿيندا (۴۸) . ۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڀانيو تن کي اُنهيءَ سبان جو بدڪاري ڪندا هئا عذاب پهچندو (۴۹) . (اي پيغمبر! کين) چؤ ته (آءٌ) اوهان کي نه ٿو چوان ته مون وٽ الله جا خزانا آهن ۽ نڪي (آءٌ) ڳجهه ڄاڻندو آهيان ۽ نڪي اوهان کي چوان ٿو ته آءٌ ملائڪ آهيان، ۽ جيڪي مون ڏانهن وحي ڪيو ويندو آهي تنهن کان سواءِ (ٻئي جي) تابعداري نه ڪندو آهيان- چؤ ته انڌو ۽ سڄو هڪ جهڙا آهن ڇا؟ پوءِ اوهين ڇو نه فڪر ڪندا آهيو؟ (۵۰) . (اي پيغمبر!) جيڪي (ماڻهو) پنهنجي پالڻهار وٽ گڏ ٿيڻ کان ڊڄندا آهن تن کي هن (قرآن) سان ڊيڄار الله کان سواءِ اُنهن جو نڪو سنڀاليندڙ ۽ نڪو سفارش ڪندڙ آهي مانَ اُهي پرهيزگاري ڪن (۵۱) .

وَلَا تَطْرُدِ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَالْعَشِيِّ
يُرِيْدُوْنَ وَجْهَهٗ ؕ مَا عَلَيْكَ مِنْ حِسَابِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ وَّ
مَا مِنْ حِسَابِكَ عَلَيْهِمْ مِّنْ شَيْءٍ فَتَطْرُدَهُمْ فَتَكُوْنَ مِنَ
الظّٰلِمِيْنَ ﴿۵۲﴾ وَكَذٰلِكَ فَتَنَّا بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ لِّيَقُوْلُوْٓا اَهٰٓؤُلَآءِ
مَنَّ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنْۢ بَيْنِنَا ؕ اَلَيْسَ اللّٰهُ بِاَعْلَمَ بِالشّٰكِرِيْنَ ﴿۵۳﴾
وَاِذَا جَآءَكَ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِاٰيٰتِنَا فَقُلْ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ كَتَبَ
رَبُّكُمْ عَلٰى نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ ۙ اَنَّهٗ مَنْ عَمِلَ مِنْكُمْ سُوْٓءًاۢ بِجَهَالَةٍ
ثُمَّ تَابَ مِنْۢ بَعْدِهٖ وَاَصْلَحَ ۙ فَاَنَّهٗ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۵۴﴾ وَكَذٰلِكَ
نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ وَلِتَسْتَبِيْنَ سَبِيْلُ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿۵۵﴾ ع قُلْ اِنِّيْ
نُهِيْتُ اَنْ اَعْبُدَ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ قُلْ لَّآ
اَتَّبِعُ اَهْوَآءَكُمْ ۙ قَدْ ضَلَلْتُ اِذًا وَّمَآ اَنَا مِنَ الْمُهْتَدِيْنَ ﴿۵۶﴾
قُلْ اِنِّيْ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَكَذَّبْتُمْ بِهٖ ؕ مَا عِنْدِيْ مَا
تَسْتَعْجِلُوْنَ بِهٖ ؕ اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ؕ يَقُصُّ الْحَقَّ وَهُوَ
خَيْرُ الْفٰصِلِيْنَ ﴿۵۷﴾ قُلْ لَّوْ اَنَّ عِنْدِيْ مَا تَسْتَعْجِلُوْنَ بِهٖ
لَقُضِيَ الْاَمْرُ بَيْنِيْ وَبَيْنَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿۵۸﴾

۽ جيڪي پنهنجي پالڻهار کي صبح ۽ سانجهيءَ جو سندس رضامندي گهرندڙ ٿي سڏيندا آهن تن کي نه تڙ- توتي سندن ڪجهه به حساب نه آهي ۽ نڪي مٿن تنهنجو ڪجهه به حساب آهي جو اُنهن کي تڙيندين (۽ جي ڪين تڙيندي) ته نامناسب ڪمن ڪندڙن مان ٿيندين (٥٢). ۽ اهڙيءَ طرح منجهائن ڪن کي ڪن سان پرکيوسون ته چون ته هي اهي آهن ڇا جن تي اسان منجهان الله احسان ڪيو آهي؟ الله شڪر ڪندڙن کي نه ڄاڻندو آهي ڇا؟ (٥٣). ۽ جيڪي اسان جي آيتن کي مڃيندا آهن سي جڏهن تو وٽ اچن ته (اُنهن کي) چؤ ته السلام عليڪم اوهان جي پالڻهار پاڻ تي ٻاجهه لازم ڪئي آهي ته اوهان مان جيڪو بي علميءَ سان ڪا بڇڙائي ڪندو وري اُن کان پوءِ توبهه ڪيائين ۽ سڌريو ته اُهو (الله) بخشڻهار مهربان آهي (٥٤). ۽ اهڙيءَ طرح آيتون بيان ڪندا آهيون (ته عمل ڪريو) ۽ (هن لاءِ) ته گنهگارن جو رستو (ماڻهن تي) پڌرو ٿئي (٥٥). (اي پيغمبر! ڪين) چؤ ته الله کان سواءِ جن کي سڏيو ٿا تن جي عبادت ڪرڻ کان مون کي منع ڪئي ويئي آهي- ۽ چؤ ته آءٌ اوهان جي سڌن جي تابعداري نه ڪندس (نه ته) بيشڪ اُنهي مهل گمراه ٿيندس ۽ آءٌ هدايت وارن مان نه هوندس (٥٦). چؤ ته آءٌ پنهنجي پالڻهار جي پڌري حجت تي آهيان ۽ اوهان اُن کي ڪوڙ ڀانيو آهي- جنهن شيءِ جي تڪڙ ڪندا آهيو سا مون وٽ نه آهي (اهڙو) حڪم الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي اختيار ۾ نه آهي اُهو سچ کي بيان ڪندو آهي ۽ اُهو (سڀني) فيصلي ڪندڙن کان ڀلو آهي (٥٧). چؤ ته جنهن جي تڪڙ ڪندا آهيو سا جيڪڏهن مون وٽ هجي ها ته منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ فيصلو ٿي وڃي ها- ۽ الله ظالمن کي چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي (٥٨).

وَعِنْدَهٗ مَفَاتِحُ الْغَيْبِ لَا يَعْلَمُهَآ اِلَّا هُوَ ۭ وَيَعْلَمُ مَا فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ ۭ وَمَا
تَسْقُطُ مِنْ وَّرَقَةٍ اِلَّا يَعْلَمُهَا وَلَا حَبَّةٍ فِيْ ظُلُمٰتِ الْاَرْضِ وَلَا رَطْبٍ
وَّلَا يَابِسٍ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ﴿٥٩﴾ وَهُوَ الَّذِيْ يَتَوَفّٰىكُمْ بِالَّيْلِ وَ
يَعْلَمُ مَا جَرَحْتُمْ بِالنَّهَارِ ثُمَّ يَبْعَثُكُمْ فِيْهِ لِيُقْضٰٓى اَجَلٌ مُّسَمًّى ۚ
ثُمَّ اِلَيْهِ مَرْجِعُكُمْ ثُمَّ يُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٦٠﴾ ع وَهُوَ الْقَاهِرُ
فَوْقَ عِبَادِهٖ وَيُرْسِلُ عَلَيْكُمْ حَفَظَةً ۭ حَتّٰٓى اِذَا جَاۗءَ اَحَدَكُمُ
الْمَوْتُ تَوَفَّتْهُ رُسُلُنَا وَهُمْ لَا يُفَرِّطُوْنَ ﴿٦١﴾ ثُمَّ رُدُّوْٓا اِلَى اللّٰهِ
مَوْلٰىهُمُ الْحَقِّ ۭ اَلَا لَهُ الْحُكْمُ ۣ وَهُوَ اَسْرَعُ الْحٰسِبِيْنَ ﴿٦٢﴾ قُلْ مَنْ
يُّنَجِّيْكُمْ مِّنْ ظُلُمٰتِ الْبَرِّ وَالْبَحْرِ تَدْعُوْنَهٗ تَضَرُّعًا وَّخُفْيَةً ۚ لَىِٕنْ
اَنْجٰىنَا مِنْ هٰذِهٖ لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿٦٣﴾ قُلِ اللّٰهُ يُنَجِّيْكُمْ
مِّنْهَا وَمِنْ كُلِّ كَرْبٍ ثُمَّ اَنْتُمْ تُشْرِكُوْنَ ﴿٦٤﴾ قُلْ هُوَ الْقَادِرُ عَلٰٓي
اَنْ يَّبْعَثَ عَلَيْكُمْ عَذَابًا مِّنْ فَوْقِكُمْ اَوْ مِنْ تَحْتِ اَرْجُلِكُمْ اَوْ
يَلْبِسَكُمْ شِيَعًا وَّيُذِيْقَ بَعْضَكُمْ بَاْسَ بَعْضٍ ۭ اُنْظُرْ كَيْفَ نُصَرِّفُ
الْاٰيٰتِ لَعَلَّهُمْ يَفْقَهُوْنَ ﴿٦٥﴾ وَكَذَّبَ بِهٖ قَوْمُكَ وَهُوَ الْحَقُّ ۭ قُلْ
لَّسْتُ عَلَيْكُمْ بِوَكِيْلٍ ﴿٦٦﴾ لِكُلِّ نَبَاٍ مُّسْتَقَرٌّ ۡ وَّسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ﴿٦٧﴾

۽ وٽس ڳجھ جون ڪنجيون آهن ان (ڳجھ جي ڪنجين) کي الله
کان سواءِ (ٻيو ڪو بہ) ڪونہ ڄاڻندو آهي- ۽ جيڪي پٽن ۽ دريائن
۾ آهي سو (بہ اُهو) ڄاڻندو آهي ۽ ڪوئي پن نہ ڪرندو آهي پر اُن کي
اُهو ڄاڻندو آهي ۽ نڪي ڪو داڻو زمين جي اونداهين ۾ نڪي ڪا
آلي ۽ نڪي ڪا سڪي شيءِ پڌري ڪتاب ۾ (لکيل) هجڻ کان
سواءِ آهي (٥٩) . ۽ اُهو (الله) آهي جيڪو اوهان کي رات جو (ڄڻڪ)
ماري ٿو ۽ جيڪي اوهين ڏينهن جو ڪمايو ٿا سو (بہ) ڄاڻندو آهي
وري اوهان کي اُن مان هن لاءِ (جاڳائي) اُٿاريندو آهي تہ مقرر ٿيل
مدت پوري ڪرائي وڃي، وري اوهان (سڀني) جو ڏانهس موٽڻ آهي
وري اوهين جيڪي ڪندا اهيو تنهن جي اوهان کي سُڌ ڏيندو (٦٠) . ۽
اُهو پنهنجن ٻانهن تي غالب آهي ۽ اوهان تي پنهنجا نگھبان موڪليندو
آهي- تان جو جڏهن اوهان منجهان ڪنهن ھڪ کي موت پهچي
تڏهن اسان جا قاصد (ملائڪ) اُن کي ماريندا آهن ۽ اُهي ڪوتاهي نہ
ڪندا آهن (٦١) . وري (سڀ مئل) سندن سچي ڌڻيءَ الله ڏانهن موٽايا
ويندا- خبردار ان جو حڪم (غالب) آهي ۽ اُهو جلد حساب وٺندڙ
آهي (٦٢) . (اي پيغمبر!) چؤ تہ اوهان کي پٽن ۽ دريائن جي اونداهين
کان ڪير ڇڏائيندو آهي (جڏهن) ڪيس زاريءَ سان ۽ ڳجھوسڏيندا
آهيو؟ (۽ چوندا اهيو) تہ جيڪڏهن اسان کي هن (ڏک) کان (الله)
ڇڏايو تہ شڪر ڪندڙن مان ضرور ٿينداسون (٦٣) . (اي پيغمبر!
ڪين) چؤ تہ الله اوهان کي اُن کان ۽ سڀ ڪنهن ڏک کان ڇڏائيندو
آهي وري (بہ) اوهين (اُن سان) شرڪ ڪندا آهيو (٦٤) . (اي پيغمبر!)
ڪين چؤ تہ اُهو (الله) اوهان تي اوهان جي مٿان يا اوهان جي پيرن جي
هيٺان عذاب موڪلڻ لاءِ وسوارو آهي يا اوهان کي ٽولي ٽولي ڪري
وچڙائي ۽ اوهان مان ڪن کي ڪن جي لڙائيءَ (جو مزو) چکائي-
ڏس تہ اسين ڪهڙيءَ طرح (طرحين طرحين) دليل بيان ٿا ڪريون تہ
مانَ اُهي سمجهن (٦٥) . ۽ تنهنجي قوم اُن (قرآن) کي ڪوڙ ڀانيو ۽
(حقيقت ڪري) اُهو بلڪل سچ آهي- (اي پيغمبر! ڪين) چؤ تہ (آءٌ)
اوهان جو ذمي وار نہ آهيان (٦٦) . هر هڪ شيءِ لاءِ هڪ وقت مقرر
آهي ۽ سگهو ڄاڻندؤ (٦٧) .

وَاِذَا رَاَيۡتَ الَّذِيۡنَ يَخُوۡضُوۡنَ فِىۡۤ اٰيٰتِنَا فَاَعۡرِضۡ عَنۡهُمۡ حَتّٰى
يَخُوۡضُوۡا فِىۡ حَدِيۡثٍ غَيۡرِهٖ ؕ وَاِمَّا يُنۡسِيَنَّكَ الشَّيۡطٰنُ فَلَا تَقۡعُدۡ
بَعۡدَ الذِّكۡرٰى مَعَ الۡقَوۡمِ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿٦٨﴾ وَمَا عَلَى الَّذِيۡنَ يَتَّقُوۡنَ
مِنۡ حِسَابِهِمۡ مِّنۡ شَىۡءٍ وَّلٰـكِنۡ ذِكۡرٰى لَعَلَّهُمۡ يَتَّقُوۡنَ ﴿٦٩﴾ وَذَرِ
الَّذِيۡنَ اتَّخَذُوۡا دِيۡنَهُمۡ لَعِبًا وَّلَهۡوًا وَّغَرَّتۡهُمُ الۡحَيٰوةُ الدُّنۡيَا وَ
ذَكِّرۡ بِهٖۤ اَنۡ تُبۡسَلَ نَفۡسٌۢ بِمَا كَسَبَتۡ ۖ لَيۡسَ لَهَا مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ
وَلِىٌّ وَّلَا شَفِيۡعٌ ۚ وَاِنۡ تَعۡدِلۡ كُلَّ عَدۡلٍ لَّا يُؤۡخَذۡ مِنۡهَا ؕ اُولٰٓـئِكَ
الَّذِيۡنَ اُبۡسِلُوۡا بِمَا كَسَبُوۡا ۚ لَهُمۡ شَرَابٌ مِّنۡ حَمِيۡمٍ وَّعَذَابٌ
اَلِيۡمٌۢ بِمَا كَانُوۡا يَكۡفُرُوۡنَ ﴿٧٠﴾ قُلۡ اَنَدۡعُوۡا مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مَا لَا
يَنۡفَعُنَا وَلَا يَضُرُّنَا وَنُرَدُّ عَلٰٓى اَعۡقَابِنَا بَعۡدَ اِذۡ هَدٰٮنَا اللّٰهُ
كَالَّذِى اسۡتَهۡوَتۡهُ الشَّيٰطِيۡنُ فِى الۡاَرۡضِ حَيۡرَانَ ۖ لَهٗۤ اَصۡحٰبٌ
يَّدۡعُوۡنَهٗۤ اِلَى الۡهُدَى ائۡتِنَا ؕ قُلۡ اِنَّ هُدَى اللّٰهِ هُوَ الۡهُدٰى ؕ
وَاُمِرۡنَا لِنُسۡلِمَ لِرَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿٧١﴾ ۙ وَاَنۡ اَقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ وَ
اتَّقُوۡهُ ؕ وَهُوَ الَّذِىۡۤ اِلَيۡهِ تُحۡشَرُوۡنَ ﴿٧٢﴾ وَهُوَ الَّذِىۡ خَلَقَ
السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ بِالۡحَـقِّ ؕ وَيَوۡمَ يَقُوۡلُ كُنۡ فَيَكُوۡنُ ؕ

۽ جيڪي اسان جي آيتن بابت اجايو بحث ڪندا آهن تن کي جڏهن ڏسين ته ايستائين ڪائن منهن موڙ جيستائين اُن ڌاران ٻي ڪنهن ڳالهه ۾ بحث ڪن- ۽ جيڪڏهن شيطان توکان وسارائي ته ياد اچڻ کان پوءِ ظالم ٽوليءَ سان گڏ نه ويهه (٦٨). ۽ جيڪي پرهيزگاري ڪندا آهن تن تي اُنهن (ظالمن) جي حساب جي ڪجهه به (ڇڪتاڻ) نه آهي پر (اُنهن تي) نصيحت ڪرڻ لازم آهي ته مان اُهي ڊڄن (٦٩). ۽ (اي پيغمبر!) جن پنهنجي دين کي راند ۽ تماشو بڻايو آهي ۽ کين دنيا جي حياتيءَ ٺڳيو آهي تن کي ڇڏي ڏي ۽ قرآن سان نصيحت ڪر متان (قيامت جي ڏينهن) ڪوئي پنهنجي ڪئي جي سببان (هلاڪت ۾) ڦاسي. الله کان سواءِ اُن جو نه ڪو مددگار ۽ نه ڪو سفارش ڪندڙ آهي، ۽ جيڪڏهن سڀ ڪا شيءِ عوض ڏيندو ته کانئس نه ورتو ويندو- اهي اُهي آهن جو جيڪي ڪيائون تنهن سببان (هلاڪت ۾) ڦاسي ويا اُنهن لاءِ ٽهڪندڙ پاڻيءَ مان پيڻ ۽ ڏکوئيندڙ عذاب اُنهي ڪري آهي جو ڪفر ڪندا هئا (٧٠). (اي پيغمبر! کين) چؤ ته الله کان سواءِ اهڙي کي سڏيون ڇا جيڪو اسان کي نه ڪي سک ڏيندو آهي ۽ نه ڪي ڏک ڏيندو آهي؟ ۽ اُنهيءَ کان پوءِ جو الله اسان کي هدايت ڪئي اُنهيءَ وانگر پنهنجين کڙين (ڀر پوءِ) تي موٽايا وڃون ڇا؟ جنهن کي شيطانن جهنگ ۾ ڀلائي ڇڏيو هجي اُهو حيران پيو ڦري سندس ڪي دوست هجن جي ان کي سڌي رستي ڏانهن پيا سڏين ته اسان ڏانهن اچ (۽ اُهو اچي ئي نه) (اي پيغمبر! کين) چؤ ته يقيناً الله جي ڏسيل واٽ اهائي سڌي واٽ آهي ۽ اسان کي حڪم ڏنو ويو آهي ته جهانن جي پالڻهار جي فرمانبرداري ڪريون (٧١). ۽ (هيءُ به حڪم ڏنو ويو آهي) ته نماز پڙهو ۽ کانئس ڊڄو ۽ اُهو (الله) آهي جنهن ڏانهن اُٿاريا ويندؤ (٧٢). ۽ اُهوئي آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي رِٽ سان بڻايو آهي- ۽ جنهن ڏينهن (قيامت لاءِ) چوندو ته ٿيءُ ته ٿي پوندي.

قَوْلُهُ الْحَقُّ ؕ وَلَهُ الْمُلْكُ يَوْمَ يُنْفَخُ فِي الصُّوْرِ ؕ عٰلِمُ الْغَيْبِ وَ
الشَّهَادَةِ ؕ وَهُوَ الْحَكِيْمُ الْخَبِيْرُ ﴿٧٣﴾ وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهِيْمُ لِاَبِيْهِ اٰزَرَ
اَتَتَّخِذُ اَصْنَامًا اٰلِهَةً ۚ اِنِّيْٓ اَرٰىكَ وَقَوْمَكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٧٤﴾
وَكَذٰلِكَ نُرِيْٓ اِبْرٰهِيْمَ مَلَكُوْتَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلِيَكُوْنَ
مِنَ الْمُوْقِنِيْنَ ﴿٧٥﴾ فَلَمَّا جَنَّ عَلَيْهِ الَّيْلُ رَاٰ كَوْكَبًا ۚ قَالَ هٰذَا
رَبِّيْ ۚ فَلَمَّآ اَفَلَ قَالَ لَآ اُحِبُّ الْاٰفِلِيْنَ ﴿٧٦﴾ فَلَمَّا رَاَ الْقَمَرَ بَازِغًا
قَالَ هٰذَا رَبِّيْ ۚ فَلَمَّآ اَفَلَ قَالَ لَئِنْ لَّمْ يَهْدِنِيْ رَبِّيْ لَاَكُوْنَنَّ
مِنَ الْقَوْمِ الضَّآلِّيْنَ ﴿٧٧﴾ فَلَمَّا رَاَ الشَّمْسَ بَازِغَةً قَالَ هٰذَا رَبِّيْ
هٰذَآ اَكْبَرُ ۚ فَلَمَّآ اَفَلَتْ قَالَ يٰقَوْمِ اِنِّيْ بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تُشْرِكُوْنَ ﴿٧٨﴾
اِنِّيْ وَجَّهْتُ وَجْهِيَ لِلَّذِيْ فَطَرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ حَنِيْفًا وَّمَآ
اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿٧٩﴾ وَحَآجَّهُ قَوْمُهُ ؕ قَالَ اَتُحَآجُّوْٓنِّيْ فِي اللّٰهِ
وَقَدْ هَدٰىنِ ؕ وَلَآ اَخَافُ مَا تُشْرِكُوْنَ بِهٖٓ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ رَبِّيْ شَيْــًٔا ؕ
وَسِعَ رَبِّيْ كُلَّ شَيْءٍ عِلْمًا ؕ اَفَلَا تَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٨٠﴾ وَكَيْفَ اَخَافُ مَآ
اَشْرَكْتُمْ وَلَا تَخَافُوْنَ اَنَّكُمْ اَشْرَكْتُمْ بِاللّٰهِ مَا لَمْ يُنَزِّلْ بِهٖ عَلَيْكُمْ
سُلْطٰنًا ؕ فَاَيُّ الْفَرِيْقَيْنِ اَحَقُّ بِالْاَمْنِ ۚ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٨١﴾ م

سندس ڳالھ سچي آھي- ۽ جنھن ڏينھن صور ۾ ڦوڪيو ويندو (تنھن ڏينھن) رڳو اُن جي بادشاھي آھي- ڳجھ ۽ ظاھر جو ڄاڻندڙ آھي- ۽ اُھو حڪمت وارو خبردار آھي (٧٣). ۽ (ياد ڪر) جڏھن ابراھيم پنھنجي پيءُ آزر کي چيو تہ بتن کي خدا ڪري ڇو ٿو وٺين؟ اءُ توکي ۽ تنھنجي قوم کي بيشڪ پڌري گمراھيءَ ۾ ڏسان ٿو (٧٤). ۽ اھڙيءَ طرح ابراھيم کي آسمانن ۽ زمين جي بادشاھي ڏيکاري سون ٿي (ھن لاءِ) تہ (اُھو) يقين ڪندڙن مان ٿئي (٧٥). پوءِ جنھن مھل رات مٿس اونداھي ڪئي (تنھن مھل آسمان ۾) ھڪ تارو ڏٺائين، چيائين ھيءُ منھنجو پالڻھار آھي، پوءِ جنھن مھل (اُھو) لٿو (تنھن مھل) چيائين تہ لھندڙن کي پيارو نہ ٿو رکان (٧٦). پوءِ جنھن مھل چنڊ کي چمڪندڙ ڏٺائين (تنھن مھل) چيائين تہ ھيءُ منھنجو پالڻھار آھي، پوءِ جنھن مھل لٿو (تنھن مھل) چيائين تہ جيڪڏھن منھنجو پالڻھار مون کي ھدايت نہ ڪندو تہ اءُ ضرور گمراھ قوم مان ٿيندس (٧٧). پوءِ جنھن مھل سج کي چمڪندڙ ڏٺائين (تنھن مھل) چيائين تہ ھيءُ منھنجو پالڻھار آھي (جو) ھيءُ وڏو آھي، پوءِ جنھن مھل لٿو تہ چيائين تہ اي منھنجي قوم! جن کي (اوھين خدا سان) شريڪ بڻائيندا آھيو تن کان اءُ بيزار آھيان (٧٨). مون (سڀني کان) ھڪ طرفو ٿي پنھنجي مھاڙ کي اُنھيءَ الله ڏانھن سامھون ڪيو آھي جنھن آسمانن ۽ زمين کي بڻايو آھي ۽ اءُ مشرڪن مان نہ آھيان (٧٩). ۽ سندس قوم ساڻس تڪرار ڪيو. چيائين تہ (اوھين) الله بابت مون سان ھن حالت ۾ ڇو ٿا تڪرار ڪريو جو بيشڪ مون کي سڌي رستي لاتو اٿس؟ ۽ جنھن کي ساڻس شريڪ ڪريو ٿا تنھن کان ڪين ڊڄندس پر منھنجي پالڻھار جو ڪجھ (ڪرڻ) گھريو (سو ٿيڻو آھي)- سڀ ڪا شيءِ منھنجي پالڻھار جي علم ۾ سمائي آھي- پوءِ اوھين ڇو نہ نصحيت مڃيندا آھيو؟ (٨٠). ۽ جنھن کي (الله سان) شريڪ ڪريو ٿا تنھن کان ڪيئن ڊڄندس ۽ (اوھين) ھن کان نہ ٿا ڊڄو جو اوھين الله ساڻ اُھو شريڪ ڪندا آھيو جنھن جي اوھان وٽ ڪا حجت لاٿل نہ آھي- جيڪڏھن اوھين ڄاڻندا آھيو (تہ ٻڌايو تہ) ٻنھي ٽولين مان ڪھڙي اَمن جي وڌيڪ حقدار آھي؟ (٨١).

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَلَمْ يَلْبِسُوْٓا اِيْمَانَهُمْ بِظُلْمٍ اُولٰٓئِكَ لَهُمُ الْاَمْنُ
وَهُمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿۸۲﴾ ع وَتِلْكَ حُجَّتُنَآ اٰتَيْنٰهَآ اِبْرٰهِيْمَ عَلٰى قَوْمِهٖ ط
نَرْفَعُ دَرَجٰتٍ مَّنْ نَّشَآءُ ط اِنَّ رَبَّكَ حَكِيْمٌ عَلِيْمٌ ﴿۸۳﴾ وَوَهَبْنَا
لَهٗٓ اِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ ط كُلًّا هَدَيْنَا ج وَنُوْحًا هَدَيْنَا مِنْ قَبْلُ
وَمِنْ ذُرِّيَّتِهٖ دَاوٗدَ وَسُلَيْمٰنَ وَاَيُّوْبَ وَيُوْسُفَ وَمُوْسٰى وَ
هٰرُوْنَ ط وَكَذٰلِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۸۴﴾ لا وَزَكَرِيَّا وَيَحْيٰى وَعِيْسٰى
وَاِلْيَاسَ ط كُلٌّ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۸۵﴾ لا وَاِسْمٰعِيْلَ وَالْيَسَعَ وَيُوْنُسَ
وَلُوْطًا ط وَكُلًّا فَضَّلْنَا عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿۸۶﴾ لا وَمِنْ اٰبَآئِهِمْ وَذُرِّيّٰتِهِمْ
وَاِخْوَانِهِمْ ج وَاجْتَبَيْنٰهُمْ وَهَدَيْنٰهُمْ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۸۷﴾
ذٰلِكَ هُدَى اللّٰهِ يَهْدِيْ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ط وَلَوْ
اَشْرَكُوْا لَحَبِطَ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۸۸﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ
اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحُكْمَ وَالنُّبُوَّةَ ج فَاِنْ يَّكْفُرْ بِهَا هٰٓؤُلَآءِ
فَقَدْ وَكَّلْنَا بِهَا قَوْمًا لَّيْسُوْا بِهَا بِكٰفِرِيْنَ ﴿۸۹﴾ اُولٰٓئِكَ
الَّذِيْنَ هَدَى اللّٰهُ فَبِهُدٰىهُمُ اقْتَدِهْ ط قُلْ لَّآ
اَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ اَجْرًا ط اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٰى لِلْعٰلَمِيْنَ ﴿۹۰﴾ ع

جن ايمان آندو ۽ پنهنجي ايمان کي کفر سان نہ وچڙايو اُنهن لاءِ اَمن آهي ۽ اُهي هدايت وارا آهن (٨٢). ۽ هي اسان جو دليل آهي جو ابراهيم کي سندس قوم تي (مقابلي لاءِ) ڏنوسون- جنهن کي گهرندا آهيون تنهن کي درجن ۾ مٿاهون ڪندا آهيون- بيشڪ تنهنجو پالڻهار حڪمت وارو ڄاڻندڙ آهي (٨٣). ۽ ابراهيم کي اسحاق ۽ يعقوب عطا ڪيوسون- سڀني کي هدايت ڪئي سون، ۽ (اُن کان) اڳ نوح کي هدايت ڪئي سون ۽ سندس اولاد مان دائود کي ۽ سليمان ۽ ايوب ۽ يوسف ۽ موسيٰ ۽ هارون کي (هدايت ڪئي سون)- ۽ اهڙيءَ طرح اسين ڀلارن کي بدلو ڏيندا آهيون (٨٤). ۽ زڪريا ۽ يحيٰ ۽ عيسيٰ ۽ الياس کي بہ جو هر هڪ ڀلارن مان هو (٨٥). ۽ اسماعيل ۽ يسع ۽ يونس ۽ لوط کي بہ- ۽ سڀني کي جڳ (جي رهندڙن) تي فضيلت ڏني سون (٨٦). ۽ سندن پين ڏاڏن ۽ سندن اولاد ۽ سندس ڀائرن مان بہ، ۽ کين سڳورو ڪيوسون ۽ کين سڌي واٽ ڏانهن هدايت ڪئي سون (٨٧). اِها الله جي هدايت آهي پنهنجن ٻانهن مان جنهن لاءِ گهري تنهن کي اُن سان رستي لائي ۽ جيڪڏهن (اِهي ماڻهو) شرڪ ڪن ها تہ جيڪي ڪمايائون سو کانئن ضرور ناس ٿئي ها (٨٨). اِهي اُهي آهن جن کي ڪتاب ۽ حڪمت ۽ پيغمبري ڏني سون پوءِ جيڪڏهن هي ماڻهو اُن (قرآن جي ڳالهين) کي نہ مڃين تہ بيشڪ اسان هڪ قوم کي مقرر ڪيو آهي جو اُن (قرآن جي ڳالهين) جا انڪار ڪندڙ نہ ٿيندا (٨٩). اهي اُهي آهن جن کي الله هدايت ڪئي آهي پوءِ تون بہ سندن طريقي تي پيروي ڪر چؤ تہ اوهان کان اُن (پيغام پهچائڻ) تي ڪو اجورو نہ ٿو گهران اِهو قرآن خاص جهان (وارن) لاءِ نصيحت آهي (٩٠).

وَمَا قَدَرُوا اللّٰهَ حَقَّ قَدْرِهٖٓ اِذْ قَالُوْا مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ عَلٰى بَشَرٍ
مِّنْ شَيْءٍ ؕ قُلْ مَنْ اَنْزَلَ الْكِتٰبَ الَّذِيْ جَآءَ بِهٖ مُوْسٰى نُوْرًا وَّ
هُدًى لِّلنَّاسِ تَجْعَلُوْنَهٗ قَرَاطِيْسَ تُبْدُوْنَهَا وَتُخْفُوْنَ كَثِيْرًا ۚ
وَعُلِّمْتُمْ مَّا لَمْ تَعْلَمُوْٓا اَنْتُمْ وَلَآ اٰبَآؤُكُمْ ؕ قُلِ اللّٰهُ ۙ ثُمَّ ذَرْهُمْ فِيْ
خَوْضِهِمْ يَلْعَبُوْنَ ﴿٩١﴾ وَهٰذَا كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ مُبٰرَكٌ مُّصَدِّقُ الَّذِيْ
بَيْنَ يَدَيْهِ وَلِتُنْذِرَ اُمَّ الْقُرٰى وَمَنْ حَوْلَهَا ؕ وَالَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ
بِالْاٰخِرَةِ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ وَهُمْ عَلٰى صَلَاتِهِمْ يُحَافِظُوْنَ ﴿٩٢﴾ وَمَنْ
اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ قَالَ اُوْحِيَ اِلَيَّ وَلَمْ يُوْحَ
اِلَيْهِ شَيْءٌ وَّمَنْ قَالَ سَاُنْزِلُ مِثْلَ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ ؕ وَلَوْ تَرٰٓى اِذِ
الظّٰلِمُوْنَ فِيْ غَمَرٰتِ الْمَوْتِ وَالْمَلٰٓئِكَةُ بَاسِطُوْٓا اَيْدِيْهِمْ ۚ اَخْرِجُوْٓا
اَنْفُسَكُمْ ؕ اَلْيَوْمَ تُجْزَوْنَ عَذَابَ الْهُوْنِ بِمَا كُنْتُمْ تَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ
غَيْرَ الْحَقِّ وَكُنْتُمْ عَنْ اٰيٰتِهٖ تَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٩٣﴾ وَلَقَدْ جِئْتُمُوْنَا
فُرَادٰى كَمَا خَلَقْنٰكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّتَرَكْتُمْ مَّا خَوَّلْنٰكُمْ وَرَآءَ ظُهُوْرِكُمْ ۚ
وَمَا نَرٰى مَعَكُمْ شُفَعَآءَكُمُ الَّذِيْنَ زَعَمْتُمْ اَنَّهُمْ فِيْكُمْ شُرَكٰٓؤُا ؕ
لَقَدْ تَّقَطَّعَ بَيْنَكُمْ وَضَلَّ عَنْكُمْ مَّا كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ ﴿٩٤﴾ ع

۽ اُنهن (يهودين) الله جو سندس مانُ موافق قدر (جيئن كيس جڳائي تيئن)نہ ڪيو هن ڪري جو چيائون تہ الله ڪنهن ماڻهو تي ڪجهہ نہ لاٿو آهي (اي پيغمبر! ڪين) چؤ تہ اُهو ڪتاب ڪنهن لاٿو جيڪو موسيٰ آندو هو؟ جو ماڻهن لاءِ نور ۽ هدايت هو جنهن کي اوهين جزءَ جزءَ ڪريو ٿا اُن (جي ڪنهن ڀاڱي) کي پڌرو ڪندا آهيو ۽ گهڻو لڪائيندا آهيو ۽ جيڪي (ڳالهيون) نہ ڪي اوهين ۽ نہ ڪي اوهان جا پيءُ ڏاڏا ڄاڻندا هئا سي اوهان کي سيکاريون ويون- چؤ تہ الله (ڪتاب لاٿو آهي) وري اُنهن کي سندن اجائي بحث ۾ راند ڪندو ڇڏي ڏي (٩١) . ۽ هيءُ ڪتاب برڪت وارو آهي، اُن کي جيڪي (ڪتاب) اُن کان اڳ آهن تن کي سچو ڪندڙ ڪري لاٿوسون هن لاءِ تہ (تون) مڪي وارن ۽ سندس آس پاس وارن کي ڊيڄارين ۽ جيڪي آخرت کي مڃيندا آهن سي اُن (قرآن) کي مڃيندا آهن ۽ اُهي پنهنجين نمازن جي سنڀال ڪندا آهن (٩٢) . ۽ اُن کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جيڪو الله تي ڪوڙو ٺاهہ ٺاهي يا چوي تہ مون ڏانهن وحي ڪيو ويو آهي ۽ ڏانهنس ڪجهہ بہ وحي نہ ڪيو ويو هجي يا چوي تہ جيئن الله (ڪتاب) نازل ڪيو آهي تيئن اءُ (بہ ڪتاب) نازل ڪندس، ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن ڏسين (تہ جيڪر عجب لڳيئي) جڏهن ظالم موت جي سڪراتن ۾ هوندا ۽ ملائڪ پنهنجن هٿن کي ڊگهو ڪندا (۽ چوندا) تہ پنهنجن ساهن کي ٻاهر ڪڍو- اڄ اوهان کي خواري واري عذاب جي سزا اِنهيءَ سببان ڏني ويندي جو اوهين الله تي ناحق (ڳالهيون) چوندا هيؤ ۽ سندس آيتن کان وڏائي ڪندا هيؤ (٩٣) . ۽ بيشڪ اسان وٽ (ائين) هڪ هڪ ٿي آيؤ جيئن اوهان کي پهرين ڀيري پيدا ڪيو هوسون ۽ جيڪي اوهان کي عطا ڪيو هوسون سو اوهان پنهنجين پٺين پوئتان ڇڏي ڏنو ۽ اوهان جا سفارش ڪندڙ اوهان سان گڏ نہ ٿا ڏسون جن کي اوهين پنهنجن (احتياجن پوري ڪرڻ) ۾ (الله سان) شريڪ ڀانئيندا هيؤ- بيشڪ اوهان جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو ڇنو ۽ جن کي اوهين ڀانئيندا هيؤ سي اوهان کان ڀلجي ويا"(٩٤) .

إِنَّ اللّٰهَ فَالِقُ الْحَبِّ وَالنَّوٰى ؕ يُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَمُخْرِجُ
الْمَيِّتِ مِنَ الْحَيِّ ؕ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ﴿۹۵﴾ فَالِقُ الْاِصْبَاحِ ۚ وَ
جَعَلَ الَّيْلَ سَكَنًا وَّالشَّمْسَ وَالْقَمَرَ حُسْبَانًا ؕ ذٰلِكَ تَقْدِيْرُ الْعَزِيْزِ
الْعَلِيْمِ ﴿۹۶﴾ وَهُوَ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ النُّجُوْمَ لِتَهْتَدُوْا بِهَا فِيْ
ظُلُمٰتِ الْبَرِّ وَالْبَحْرِ ؕ قَدْ فَصَّلْنَا الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿۹۷﴾ وَ
هُوَ الَّذِيْۤ اَنْشَاَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ فَمُسْتَقَرٌّ وَّمُسْتَوْدَعٌ ؕ
قَدْ فَصَّلْنَا الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّفْقَهُوْنَ ﴿۹۸﴾ وَهُوَ الَّذِيْۤ اَنْزَلَ مِنَ
السَّمَآءِ مَآءً ۚ فَاَخْرَجْنَا بِهٖ نَبَاتَ كُلِّ شَيْءٍ فَاَخْرَجْنَا مِنْهُ خَضِرًا
نُّخْرِجُ مِنْهُ حَبًّا مُّتَرَاكِبًا ۚ وَمِنَ النَّخْلِ مِنْ طَلْعِهَا قِنْوَانٌ دَانِيَةٌ
وَّجَنّٰتٍ مِّنْ اَعْنَابٍ وَّالزَّيْتُوْنَ وَالرُّمَّانَ مُشْتَبِهًا وَّغَيْرَ
مُتَشَابِهٍ ؕ اُنْظُرُوْۤا اِلٰى ثَمَرِهٖۤ اِذَاۤ اَثْمَرَ وَيَنْعِهٖ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكُمْ
لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿۹۹﴾ وَجَعَلُوْا لِلّٰهِ شُرَكَآءَ الْجِنَّ وَخَلَقَهُمْ
وَخَرَقُوْا لَهٗ بَنِيْنَ وَبَنٰتٍۭ بِغَيْرِ عِلْمٍ ؕ سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿۱۰۰﴾
بَدِيْعُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ اَنّٰى يَكُوْنُ لَهٗ وَلَدٌ وَّلَمْ تَكُنْ لَّهٗ
صَاحِبَةٌ ؕ وَخَلَقَ كُلَّ شَيْءٍ ۚ وَهُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۱۰۱﴾

پڪ الله ٻج ۽ ککڙي کي ڦُٽائيندڙ آهي. مئي مان جيئرو ڪڍندو آهي ۽ جيئري مان مئو ڪڍندڙ آهي اِهو (ئي) الله آهي پوءِ اوهين ڪيڏانهن ڀلايا ويندا آهيو؟ (٩٥). پرهه کي ڦٽائيندڙ آهي ۽ رات کي آرام ۽ سج ۽ چنڊ کي (وقت جي) حساب لاءِ (پيدا) ڪيائين۔ اِهو اندازو (الله) زبردست ڄاڻندڙ ٺاهيو آهي (٩٦). ۽ اُهو (الله) آهي جنهن تارن کي اوهان لاءِ هن ڪري (پيدا) ڪيو تہ پَٽن ۽ دريائن جي اونداهين ۾ ساڻن واٽون لهو۔ بيشڪ ڄاڻندڙ قوم لاءِ نشانيون (کولي) بيان ڪيون سون (٩٧). ۽ اهو (الله) آهي جنهن اوهان کي هڪ جان مان پيدا ڪيو پوءِ (اوهان لاءِ) ٽڪڻ جو هنڌ ۽ سانيڻ جي جاءِ ڪيائين، بيشڪ سمجهندڙ ٽوليءِ لاءِ نشانيون (کولي) بيان ڪيون سون (٩٨). ۽ اُهو (الله) آهي جنهن آسمان مان پاڻي وسايو پوءِ اُن سان هر شيءِ جا سلا ڄماياسون پوءِ اُن مان ساوڪ کي ڪڍيوسون پوءِ منجهانئس (سنگن ۾) گڏيل داڻا ڪڍون ٿا ۽ کجين جي چوٽن مان گوشا لڙڪيل ۽ انگورن ۽ زيتونن ۽ ڏاڙهن جا باغ هڪ ٻئي جهڙا ۽ ڌار ڌار قسم جا (پيدا ڪياسون) جڏهن ڦرجن تہ سندن ڦر ۽ اُن جي پچڻ ڏانهن نهاريو! چو تہ اُن ۾ مڃيندڙ ٽولي لاءِ ضرور نشانيون آهن (٩٩). ۽ (ڪافرن) جنن کي الله سان شريڪ ٺهرايو آهي هن هوندي جو ڪين (الله) خلقيو آهي ۽ اُن لاءِ بي علميءَ سان پٽ ۽ ڌيئرون ٺاهيون اٿن۔ اُهو پاڪ آهي ۽ جيڪي بيان ڪندا آهن تنهن کان مٿاهون آهي (١٠٠). آسمانن ۽ زمين جو (بي مثال) بڻائيندڙ آهي۔ کيس اولاد ڪيئن ٿيندو؟ ۽ هوڏانهن کيس زال ئي نہ آهي ۽ سڀ ڪا شيءِ (پاڻ) خلقيائين ۽ اُهو سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي (١٠١).

ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ خَالِقُ كُلِّ شَیْءٍ فَاعْبُدُوْهُ ۚ وَهُوَ
عَلٰی كُلِّ شَیْءٍ وَّكِیْلٌ ﴿۱۰۲﴾ لَا تُدْرِكُهُ الْاَبْصَارُ ۫ وَهُوَ یُدْرِكُ
الْاَبْصَارَ ۚ وَهُوَ اللَّطِیْفُ الْخَبِیْرُ ﴿۱۰۳﴾ قَدْ جَآءَكُمْ بَصَآىِٕرُ مِنْ
رَّبِّكُمْ ۚ فَمَنْ اَبْصَرَ فَلِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ عَمِیَ فَعَلَیْهَا ؕ وَمَآ اَنَا عَلَیْكُمْ
بِحَفِیْظٍ ﴿۱۰۴﴾ وَكَذٰلِكَ نُصَرِّفُ الْاٰیٰتِ وَلِیَقُوْلُوْا دَرَسْتَ
وَلِنُبَیِّنَهٗ لِقَوْمٍ یَّعْلَمُوْنَ ﴿۱۰۵﴾ اِتَّبِعْ مَاۤ اُوْحِیَ اِلَیْكَ مِنْ رَّبِّكَ ۚ لَآ
اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ وَاَعْرِضْ عَنِ الْمُشْرِكِیْنَ ﴿۱۰۶﴾ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَآ
اَشْرَكُوْا ؕ وَمَا جَعَلْنٰكَ عَلَیْهِمْ حَفِیْظًا ۚ وَمَآ اَنْتَ عَلَیْهِمْ
بِوَكِیْلٍ ﴿۱۰۷﴾ وَلَا تَسُبُّوا الَّذِیْنَ یَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ فَیَسُبُّوا
اللّٰهَ عَدْوًۢا بِغَیْرِ عِلْمٍ ؕ كَذٰلِكَ زَیَّنَّا لِكُلِّ اُمَّةٍ عَمَلَهُمْ ۪ ثُمَّ
اِلٰی رَبِّهِمْ مَّرْجِعُهُمْ فَیُنَبِّئُهُمْ بِمَا كَانُوْا یَعْمَلُوْنَ ﴿۱۰۸﴾ وَاَقْسَمُوْا
بِاللّٰهِ جَهْدَ اَیْمَانِهِمْ لَىِٕنْ جَآءَتْهُمْ اٰیَةٌ لَّیُؤْمِنُنَّ بِهَا ؕ قُلْ
اِنَّمَا الْاٰیٰتُ عِنْدَ اللّٰهِ وَمَا یُشْعِرُكُمْ ۙ اَنَّهَاۤ اِذَا جَآءَتْ لَا
یُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۰۹﴾ وَنُقَلِّبُ اَفْـِٕدَتَهُمْ وَاَبْصَارَهُمْ كَمَا لَمْ یُؤْمِنُوْا
بِهٖۤ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّنَذَرُهُمْ فِیْ طُغْیَانِهِمْ یَعْمَهُوْنَ ﴿۱۱۰﴾ ع

اهو اوهان جو پالڻهار آهي- اُن کانسواءِ ڪو عبادت جو لائق نہ آهي، سڀ ڪنهن شيءِ کي پيدا ڪندڙ آهي تنهن ڪري سندس عبادت ڪريو، ۽ اُهو سڀ ڪنهن شيءِ کي سنڀاليندڙ آهي (١٠٢). (دنيا ۾) اکيون کيس ڏسي نہ سگهنديون ۽ اُهو اکين کي ڏسندو آهي ۽ اُهو باريڪ بين خبر رکندڙ آهي (١٠٣). بيشڪ اوهان جي پالڻهار کان اوهان وٽ نشان آيا آهن پوءِ جنهن ڏٺو (يعني سمجهيو) تنهن پاڻ لاءِ (نفعو ڪمايو) ۽ جيڪو انڌو ٿيو تنهن تي (اُن جو نقصان) آهي ۽ (اي پيغمبر! چؤ تہ) آءٌ اوهان تي نگهبان نہ آهيان (١٠٤). ۽ اهڙي طرح طرحين طرحين دليل بيان ڪريون ٿا ۽ هن لاءِ تہ متان (ڪافر) چون تہ تون پڙهيو آهين ۽ هن لاءِ تہ هن (دين) کي اُنهيءَ قوم لاءِ پڌرو ڪريون جي ڄاڻن ٿا (١٠٥). (اي پيغمبر!) جيڪي تنهنجي پالڻهار وٽان تو ڏانهن وحي ڪيو ويو آهي تنهن جي تابعداري ڪر، اُن کان سواءِ ڪو عبادت جو لائق نہ آهي، ۽ مشرڪن کان منهن موڙ (١٠٦). ۽ جيڪڏهن الله گهري ها تہ شرڪ نہ ڪن ها- ۽ توکي مٿن نگهبان نہ ڪيو اٿؤن، ۽ نہ کي تون مٿن ڪو نظر ڪندڙ آهين (١٠٧). (اي مسلمانؤ!) جن کي (مشرڪ) الله کان سواءِ سڏيندا آهن تن کي گاريون نہ ڏيو (جو) متان (اُهي) بي سمجهائي جي ڪري دشمنيءَ کان الله کي گاريون ڏيندا- اهڙيءَ طرح هر امت لاءِ سندن عمل سينگارياسون وري سندن پالڻهار ڏانهن سندن موٽڻ آهي پوءِ جيڪي ڪندا آهن تنهن جي کين سُڌ ڏيندو! (١٠٨). ۽ ڪافر پنهنجن سخت سنهن سان الله جو قسم کڻندا آهن تہ وٽن جيڪڏهن ڪو معجزو اچي تہ اُن کي ضرور مڃيندا- چؤ تہ معجزا تہ (خاص) الله وٽ آهن (اي مسلمانؤ!) اوهان کي ڪنهن سمجهايو آهي تہ اُهي (مڃيندا؟ بلڪ) جڏهن آيا تہ (بہ) نہ مڃيندا؟ (١٠٩). ۽ سندن دلين کي ۽ سندن اکين کي ڦيرائينداسون جيئن اُن کي پهرين ڀيري نہ مڃيائون ۽ کين سندن گمراهيءَ ۾ حيران ٿيل ڇڏينداسون (١١٠).

وَلَوْ اَنَّنَا نَزَّلْنَاۤ اِلَيْهِمُ الْمَلٰٓئِكَةَ وَكَلَّمَهُمُ الْمَوْتٰى وَ
حَشَرْنَا عَلَيْهِمْ كُلَّ شَيْءٍ قُبُلًا مَّا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْۤا اِلَّاۤ اَنْ يَّشَآءَ
اللّٰهُ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ يَجْهَلُوْنَ ﴿١١١﴾ وَكَذٰلِكَ جَعَلْنَا لِكُلِّ نَبِيٍّ
عَدُوًّا شَيٰطِيْنَ الْاِنْسِ وَالْجِنِّ يُوْحِيْ بَعْضُهُمْ اِلٰى بَعْضٍ
زُخْرُفَ الْقَوْلِ غُرُوْرًا ؕ وَلَوْ شَآءَ رَبُّكَ مَا فَعَلُوْهُ فَذَرْهُمْ
وَمَا يَفْتَرُوْنَ ﴿١١٢﴾ وَلِتَصْغٰۤى اِلَيْهِ اَفْـِٕدَةُ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ
بِالْاٰخِرَةِ وَلِيَرْضَوْهُ وَلِيَقْتَرِفُوْا مَا هُمْ مُّقْتَرِفُوْنَ ﴿١١٣﴾ اَفَغَيْرَ
اللّٰهِ اَبْتَغِيْ حَكَمًا وَّهُوَ الَّذِيْۤ اَنْزَلَ اِلَيْكُمُ الْكِتٰبَ مُفَصَّلًا ؕ
وَالَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَعْلَمُوْنَ اَنَّهٗ مُنَزَّلٌ مِّنْ رَّبِّكَ
بِالْحَقِّ فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿١١٤﴾ وَتَمَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ
صِدْقًا وَّعَدْلًا ؕ لَا مُبَدِّلَ لِكَلِمٰتِهٖ ۚ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿١١٥﴾
وَاِنْ تُطِعْ اَكْثَرَ مَنْ فِي الْاَرْضِ يُضِلُّوْكَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ
اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَاِنْ هُمْ اِلَّا يَخْرُصُوْنَ ﴿١١٦﴾ اِنَّ رَبَّكَ
هُوَ اَعْلَمُ مَنْ يَّضِلُّ عَنْ سَبِيْلِهٖ ۚ وَهُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ ﴿١١٧﴾
فَكُلُوْا مِمَّا ذُكِرَ اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ اِنْ كُنْتُمْ بِاٰيٰتِهٖ مُؤْمِنِيْنَ ﴿١١٨﴾

۽ جيڪڏهن انهن تي اسين ملائڪ لاهيون ها ۽ ساڻن مئل (ٻه) ڳالهائين ها ۽ هر شيءِ سندن اڳهون سامهون ڪري گڏ (ٻه) ڪريون ها ته به الله جي گهر کان سواءِ ڪڏهن نه ايمان آڻين ها پر اُنهن مان گهڻا بي سمجهائي ڪن ٿا (١١١). ۽ اهڙيءَ طرح هر ڪنهن پيغمبر لاءِ ماڻهن ۽ جنن مان شيطان ويري بڻاياسون (ته پاڻ ۾) هڪ ٻئي کي وسوسو وجهي ڳالهه جي سهڻي بناوٽ سان ٺڳين- ۽ جيڪڏهن تنهنجو پالڻهار گهري ها ته اِهو ڪم نه ڪن ها تنهن ڪري کين ۽ جيڪي ٺاهه ٺاهيندا آهن تن کي ڇڏي ڏي (١١٢). ۽ (هن لاءِ وسوسو وجهندا آهن) ته جيڪي آخرت کي نه مڃيندا آهن تن جون دليون ڏانهس لڙن ۽ اُن کي پسند ڪن ۽ (هن لاءِ) ته اُهي جيڪي ڪم ڪندڙ آهن سي ڪندا رهن (١١٣). (اي پيغمبر! چؤ ته) الله ڌاران ٻيو فيصلو ڪندڙ هن هوندي ڇو گهران؟ جو اُنهيءَ اوهان ڏانهن کولي بيان ڪندڙ ڪتاب لاٿو آهي- ۽ جن کي ڪتاب (توريت) ڏنوسون سي (چڱيءَ طرح) ڄاڻندا آهن ته اُهو تنهنجي پالڻهار کان جائي لاٿل آهي تنهن ڪري تون شڪ ڪندڙن مان مور نه ٿج (١١٤). ۽ تنهنجي پالڻهار جو سخن سچائي ۽ انصاف ۾ پورو آهي- سندس سخنن کي ڪو مٽائيندڙ نه آهي، ۽ اُهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (١١٥). ۽ جيڪڏهن زمين وارن (ماڻهن) مان گهڻن (يعني ڪافرن) جو چيو مڃيندين ته توکي الله جي واٽ کان ڀُلائيندا- (اُهي) رڳو گمان تي هلندا آهن ۽ اُهي رڳو اٽڪل هڻندا آهن (١١٦). بيشڪ تنهنجو پالڻهار اُنهن کي (ٻه) چڱو ڄاڻندڙ آهي جيڪي سندس واٽ کان ڀُلا، ۽ اُهو هدايت وارن کي (ٻه) چڱو ڄاڻندڙ آهي (١١٧). پوءِ جيڪڏهن اوهين سندس آيتن کي مڃيندا آهيو ته جنهن تي الله جو نالو ياد ڪجي تنهن مان کائو(١١٨).

وَمَا لَكُمْ اَلَّا تَاْكُلُوْا مِمَّا ذُكِرَ اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ وَقَدْ فَصَّلَ
لَكُمْ مَّا حَرَّمَ عَلَيْكُمْ اِلَّا مَا اضْطُرِرْتُمْ اِلَيْهِ ؕ وَاِنَّ كَثِيْرًا
لَّيُضِلُّوْنَ بِاَهْوَآئِهِمْ بِغَيْرِ عِلْمٍ ؕ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ
بِالْمُعْتَدِيْنَ ﴿۱۱۹﴾ وَذَرُوْا ظَاهِرَ الْاِثْمِ وَبَاطِنَهٗ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ
يَكْسِبُوْنَ الْاِثْمَ سَيُجْزَوْنَ بِمَا كَانُوْا يَقْتَرِفُوْنَ ﴿۱۲۰﴾ وَلَا تَاْكُلُوْا
مِمَّا لَمْ يُذْكَرِ اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ وَاِنَّهٗ لَفِسْقٌ ؕ وَاِنَّ الشَّيٰطِيْنَ
لَيُوْحُوْنَ اِلٰٓى اَوْلِيٰٓـئِهِمْ لِيُجَادِلُوْكُمْ ۚ وَاِنْ اَطَعْتُمُوْهُمْ اِنَّكُمْ
لَمُشْرِكُوْنَ ﴿۱۲۱﴾ ع اَوَمَنْ كَانَ مَيْتًا فَاَحْيَيْنٰهُ وَجَعَلْنَا لَهٗ نُوْرًا
يَّمْشِيْ بِهٖ فِى النَّاسِ كَمَنْ مَّثَلُهٗ فِى الظُّلُمٰتِ لَيْسَ بِخَارِجٍ
مِّنْهَا ؕ كَذٰلِكَ زُيِّنَ لِلْكٰفِرِيْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۲۲﴾ وَكَذٰلِكَ
جَعَلْنَا فِىْ كُلِّ قَرْيَةٍ اَكٰبِرَ مُجْرِمِيْهَا لِيَمْكُرُوْا فِيْهَا ؕ وَمَا
يَمْكُرُوْنَ اِلَّا بِاَنْفُسِهِمْ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ﴿۱۲۳﴾ وَاِذَا جَآءَتْهُمْ
اٰيَةٌ قَالُوْا لَنْ نُّؤْمِنَ حَتّٰى نُؤْتٰى مِثْلَ مَآ اُوْتِىَ رُسُلُ اللّٰهِ ؕ م
اَللّٰهُ اَعْلَمُ حَيْثُ يَجْعَلُ رِسَالَتَهٗ ؕ سَيُصِيْبُ الَّذِيْنَ اَجْرَمُوْا
صَغَارٌ عِنْدَ اللّٰهِ وَعَذَابٌ شَدِيْدٌ بِمَا كَانُوْا يَمْكُرُوْنَ ﴿۱۲۴﴾

۽ اوهان کي ڇا (ٿيو) آهي جو جنهن (شيءِ) تي الله جو نالو ياد ڪجي ٿو تنهن مان نہ کائيندا آهيو هن هوندي جو جيڪي (شيون الله) اوهان تي حرام ڪيون آهن سي اوهان لاءِ بيشڪ کولي بيان ڪيون اٿس؟ پر جنهن (حرام شيءِ مان کائڻ) لاءِ اوهين مجبور ٿيو (سو روا آهي)۔ ۽ گهڻا اڻ ڄاڻائيءَ سان پنهنجن سَڌن سببان ضرور ڀُلائين ٿا۔ بيشڪ تنهنجو پالڻهار حد کان لنگهندڙن کي چڱي ءَطرح ڄاڻندڙ آهي (١١٩). ۽ ظاهري گناه ۽ باطني گناه (سڀ طرح) ڇڏي ڏيو۔ جيڪي گناه ڪندا آهن سي جيڪي ڪن ٿا تنهن سببان سگهو سزا ڏبين (١٢٠). ۽ جنهن (شيءِ) تي الله جو نالو ياد نہ ڪجي تنهن مان نہ کائو جو اُهو (کائڻ) ضرور گناه آهي۔ ۽ شيطان پنهنجن يارن کي هن لاءِ وسوسو وجهندا آهن تہ اوهان سان جهيڙو ڪن، ۽ جيڪڏهن سندن چيو مڃيندؤ تہ اوهين (بہ) ضرور مشرڪ ٿيندؤ (١٢١). جيڪو مئل هو تنهن کي جياريوسون ۽ اُن لاءِ سوجهرو ڪيوسون جنهن سان ماڻهن ۾ گهمي ٿو اُهو اُن جي مثال جهڙو آهي ڇا جيڪو اونداهين ۾ آهي منجهانئس نڪرڻ وارو نہ آهي؟ اهڙيءَ طرح ڪافر جيڪي ڪندا آهن سو اُنهن لاءِ سينگاريو ويو آهي (١٢٢). ۽ اهڙيءَ طرح هر ڳوٺ ۾ اُنهيءَ (ڳوٺ) جا وڏيرا هن لاءِ بدڪار ڪياسون تہ اُن (ڳوٺ) ۾ فساد وجهندا رهن۔ ۽ (اُهي) پاڻ کانسواءِ ٻئي ڪنهن لاءِ فساد نہ ڪندا آهن ۽ نہ ڄاڻندا آهن (١٢٣). ۽ جڏهن وٽن ڪا آيت ايندي آهي (تڏهن) چوندا آهن تہ جهڙي (پيغمبري) الله جي پيغمبرن کي ڏني ويئي آهي تهڙي جيستائين اسان کي (نہ) ڏني ويندي تيسين ڪڏهن نہ مڃيندا سون۔ الله جنهن هنڌ پنهنجي پيغمبريءَ کي موڪلي (سو هنڌ) چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي۔ جن ڏوه ڪيو تن کي الله وٽان خواري ۽ سخت عذاب انهيءَ ڪري سگهو پهچندو جو شرارتون ڪندا آهن (١٢٤).

فَمَنْ يُّرِدِ اللّٰهُ اَنْ يَّهْدِيَهٗ يَشْرَحْ صَدْرَهٗ لِلْاِسْلَامِ ۚ
وَمَنْ يُّرِدْ اَنْ يُّضِلَّهٗ يَجْعَلْ صَدْرَهٗ ضَيِّقًا حَرَجًا كَاَنَّمَا
يَصَّعَّدُ فِي السَّمَآءِ ؕ كَذٰلِكَ يَجْعَلُ اللّٰهُ الرِّجْسَ عَلَى الَّذِيْنَ
لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۲۵﴾ وَهٰذَا صِرَاطُ رَبِّكَ مُسْتَقِيْمًا ؕ قَدْ فَصَّلْنَا
الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّذَّكَّرُوْنَ ﴿۱۲۶﴾ لَهُمْ دَارُ السَّلٰمِ عِنْدَ رَبِّهِمْ
وَهُوَ وَلِيُّهُمْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۲۷﴾ وَيَوْمَ يَحْشُرُهُمْ
جَمِيْعًا ۚ يٰمَعْشَرَ الْجِنِّ قَدِ اسْتَكْثَرْتُمْ مِّنَ الْاِنْسِ ۚ وَقَالَ
اَوْلِيٰٓؤُهُمْ مِّنَ الْاِنْسِ رَبَّنَا اسْتَمْتَعَ بَعْضُنَا بِبَعْضٍ وَّبَلَغْنَآ
اَجَلَنَا الَّذِيْٓ اَجَّلْتَ لَنَا ؕ قَالَ النَّارُ مَثْوٰىكُمْ خٰلِدِيْنَ
فِيْهَآ اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ ؕ اِنَّ رَبَّكَ حَكِيْمٌ عَلِيْمٌ ﴿۱۲۸﴾ وَكَذٰلِكَ
نُوَلِّيْ بَعْضَ الظّٰلِمِيْنَ بَعْضًا بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۱۲۹﴾ ع
يٰمَعْشَرَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ اَلَمْ يَاْتِكُمْ رُسُلٌ مِّنْكُمْ
يَقُصُّوْنَ عَلَيْكُمْ اٰيٰتِيْ وَيُنْذِرُوْنَكُمْ لِقَآءَ يَوْمِكُمْ
هٰذَا ؕ قَالُوْا شَهِدْنَا عَلٰٓى اَنْفُسِنَا وَغَرَّتْهُمُ الْحَيٰوةُ
الدُّنْيَا وَشَهِدُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ اَنَّهُمْ كَانُوْا كٰفِرِيْنَ ﴿۱۳۰﴾

پوءِ الله جنهن کي هدايت ڪرڻ گهرندو آهي تنهن جو سينو اسلام لاءِ ڪشادو ڪندو آهي، ۽ جنهن کي ڀُلائڻ گهرندو آهي تنهن جي سيني کي اهڙو سخت سوڙهو ڪندو آهي جو ڄڻڪ آسمان تي چڙهي ٿو- جيڪي نہ مڃيندا آهن تن تي الله اهڙيءَ طرح پليتي رکندو آهي (١٢٥). ۽ تنهنجي پالڻهار جي اِها سڌي واٽ آهي- بيشڪ اسان نشانيون انهيءَ قوم لاءِ کولي بيان ڪيون آهن جي نصيحت مڃيندا آهن (١٢٦). اُنهن لاءِ سندن پالڻهار وٽ بهشت آهي ۽ اُهو سندن سنڀاليندڙ آهي (هي سڀ) انهيءَ ڪري (آهي) جو (چڱا) ڪم ڪندا هئا (١٢٧). ۽ جنهن ڏينهن اُنهن مڙني کي گڏ ڪندو (چوندو) تہ اي جنن جيون ٽوليون! بيشڪ ماڻهن مان گهڻا پنهنجا (تابع) ڪيا هيوَ، ۽ ماڻهن مان سندن سنگتي چوندا تہ اي اسان جا پالڻهار! اسان منجهان هڪڙن ٻين کان فائدو ورتو ۽ اُنهيءَ پنهنجي مقرر مدت کي پهتاسون جيڪا تون اسان لاءِ مقرر ڪئي هئي- (الله) چوندو تہ اوهان جي رهڻ جو هنڌ دوزخ آهي جيسين الله گهريو تيسين منجهس سدائين رهندڙ هجو- بيشڪ تنهنجو رب حڪمت وارو ڄاڻندڙ آهي (١٢٨). ۽ اهڙيءَ طرح ظالمن مان ڪن کي ڪن تي جيڪي ڪندا آهن تنهن (جي شامت) سببان غالب ڪندا آهيون (١٢٩). ۽ اي جنن ۽ ماڻهن جون ٽوليون! اوهان مان اوهان وٽ پيغمبر نہ آيا هئا ڇا؟ جو منهنجيون آيتون اوهان تي پڙهيائون ٿي ۽ هِن ڏينهن جي آڏي ٿيڻ کان اوهان کي ڊيڄاريائون ٿي- چوندا تہ پاڻ تي شاهدي ڏني سون ۽ کين دنيائي حياتيءَ ٺڳيو هو ۽ (هاڻي) پاڻ تي شاهدي ڏنائون تہ پاڻ ڪافر هئا (١٣٠).

ذٰلِكَ اَنْ لَّمْ يَكُنْ رَّبُّكَ مُهْلِكَ الْقُرٰى بِظُلْمٍ وَّاَهْلُهَا
غٰفِلُوْنَ ﴿١٣١﴾ وَلِكُلٍّ دَرَجٰتٌ مِّمَّا عَمِلُوْا ؕ وَمَا رَبُّكَ
بِغَافِلٍ عَمَّا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٣٢﴾ وَرَبُّكَ الْغَنِيُّ ذُو الرَّحْمَةِ ؕ
اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ وَيَسْتَخْلِفْ مِنْۢ بَعْدِكُمْ مَّا يَشَآءُ كَمَآ
اَنْشَاَكُمْ مِّنْ ذُرِّيَّةِ قَوْمٍ اٰخَرِيْنَ ﴿١٣٣﴾ اِنَّ مَا تُوْعَدُوْنَ
لَاٰتٍ ۙ وَّمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ﴿١٣٤﴾ قُلْ يٰقَوْمِ اعْمَلُوْا عَلٰى
مَكَانَتِكُمْ اِنِّيْ عَامِلٌ ۚ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۙ مَنْ تَكُوْنُ لَهٗ
عَاقِبَةُ الدَّارِ ؕ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿١٣٥﴾ وَجَعَلُوْا لِلّٰهِ
مِمَّا ذَرَاَ مِنَ الْحَرْثِ وَالْاَنْعَامِ نَصِيْبًا فَقَالُوْا
هٰذَا لِلّٰهِ بِزَعْمِهِمْ وَهٰذَا لِشُرَكَآئِنَا ۚ فَمَا كَانَ
لِشُرَكَآئِهِمْ فَلَا يَصِلُ اِلَى اللّٰهِ ۚ وَمَا كَانَ لِلّٰهِ فَهُوَ
يَصِلُ اِلٰى شُرَكَآئِهِمْ ؕ سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ﴿١٣٦﴾ وَكَذٰلِكَ
زَيَّنَ لِكَثِيْرٍ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ قَتْلَ اَوْلَادِهِمْ
شُرَكَآؤُهُمْ لِيُرْدُوْهُمْ وَلِيَلْبِسُوْا عَلَيْهِمْ دِيْنَهُمْ ؕ
وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا فَعَلُوْهُ فَذَرْهُمْ وَمَا يَفْتَرُوْنَ ﴿١٣٧﴾

اِهو (پيغمبرن جو موڪلڻ) هن سببان آهي تہ تنهنجو پالڻهار ڪنهن ڳوٺ ڪي هن حالت ۾ ظلم سان ڪڏهين ناس ڪرڻ وارو نہ آهي جو سندس رهاڪو بيخبر هجن (١٣١). ۽ هر ڪنهن جيڪي عمل ڪيا تنهن مان اُنهن لاءِ درجا آهن- ۽ جيڪي ڪندا آهن تنهن کان تنهنجو پالڻهار بيخبر نہ آهي (١٣٢). ۽ تنهنجو پالڻهار بي پرواھ ٻاجھ وارو آهي- جيڪڏهن گهري تہ اوهان کي ناس ڪري ۽ اوهان کان پوءِ جنهن لاءِ گهري تنهن کي (اُن هنڌ) پيڙهيءَ تي وهاري جيئن اُوهان کي ٻـي قوم جي نسل مان پيدا ڪيائين.(١٣٣). بيشڪ جيڪو انجام اوهان سان ڪجي ٿو سو ضرور اچڻو آهي ۽ اوهين ٿڪائڻ وارا نہ آهيو (١٣٤). (اي پيغمبر!) چؤ تہ اي منهنجي قوم! اوهين پنهنجي هنڌ عمل ڪريو آءٌ (بہ) عمل ڪندڙ آهيان، پوءِ سگهو ڄاڻندؤ تہ آخرت ۾ ڪنهن جي چڱي عاقبت هوندي- سچ آهي تہ ظالم نہ ڇٽندا (١٣٥). ۽ جيڪي پوک ۽ ڍورن مان الله پيدا ڪيو آهي تنهن مان ڪجھ حصو (ڪافر) الله جو مقرر ڪندا آهن ۽ پنهنجي گمان سان چوندا آهن تہ هيءُ (حصو) الله جو آهي ۽ هيءُ اسان جي ٻتن جو آهي، وري جيڪو (حصو) سندن ٻتن جو هوندو آهي سو الله (واري حصي)سان ملي نہ سگهندو آهي، ۽ جيڪو (حصو) الله جو هوندوآهي سو سندن ٻتن (واري حصي) سان ملي سگهندو آهي، جيڪو فيصلو ڪندا آهن سو بڇڙو آهي (١٣٦). ۽ اهڙي طرح گهڻن مشرڪن لاءِ سندن شريڪن (جن کي خدا ڪري مڃيندا آهن) سندن اولاد جو مارڻ سينگاريو آهي تہ (جيئن) کين هلاڪ ڪن ۽ سندن دين مٿن رَلائي مِلائي ڇڏين، ۽ جي الله گهري ها تہ اهو نہ ڪن ها! تنهن ڪري کين ۽ جيڪي ناھ ناهيندا آهن تنهن کي ڇڏي ڏي (١٣٧).

وَقَالُوْا هٰذِهٖٓ اَنْعَامٌ وَّحَرْثٌ حِجْرٌ ۖ لَّا يَطْعَمُهَآ اِلَّا مَنْ
نَّشَآءُ بِزَعْمِهِمْ وَاَنْعَامٌ حُرِّمَتْ ظُهُوْرُهَا وَاَنْعَامٌ
لَّا يَذْكُرُوْنَ اسْمَ اللّٰهِ عَلَيْهَا افْتِرَآءً عَلَيْهِ ؕ سَيَجْزِيْهِمْ
بِمَا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿١٣٨﴾ وَقَالُوْا مَا فِيْ بُطُوْنِ هٰذِهِ الْاَنْعَامِ
خَالِصَةٌ لِّذُكُوْرِنَا وَمُحَرَّمٌ عَلٰٓى اَزْوَاجِنَا ۚ وَاِنْ يَّكُنْ
مَّيْتَةً فَهُمْ فِيْهِ شُرَكَآءُ ؕ سَيَجْزِيْهِمْ وَصْفَهُمْ ؕ اِنَّهٗ حَكِيْمٌ
عَلِيْمٌ ﴿١٣٩﴾ قَدْ خَسِرَ الَّذِيْنَ قَتَلُوْٓا اَوْلَادَهُمْ سَفَهًاۢ
بِغَيْرِ عِلْمٍ وَّحَرَّمُوْا مَا رَزَقَهُمُ اللّٰهُ افْتِرَآءً عَلَى اللّٰهِ ؕ
قَدْ ضَلُّوْا وَمَا كَانُوْا مُهْتَدِيْنَ ﴿١٤٠﴾ ع وَهُوَ الَّذِيْٓ اَنْشَاَ
جَنّٰتٍ مَّعْرُوْشٰتٍ وَّغَيْرَ مَعْرُوْشٰتٍ وَّالنَّخْلَ وَالزَّرْعَ
مُخْتَلِفًا اُكُلُهٗ وَالزَّيْتُوْنَ وَالرُّمَّانَ مُتَشَابِهًا وَّغَيْرَ
مُتَشَابِهٍ ؕ كُلُوْا مِنْ ثَمَرِهٖٓ اِذَآ اَثْمَرَ وَاٰتُوْا حَقَّهٗ يَوْمَ
حَصَادِهٖ ۖ وَلَا تُسْرِفُوْا ؕ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿١٤١﴾ ۙ وَ
مِنَ الْاَنْعَامِ حَمُوْلَةً وَّفَرْشًا ؕ كُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ وَ
لَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ؕ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿١٤٢﴾ ۙ

۽ (پنهنجي خيال سان هيءُ بہ) چوندا آهن تہ هي ڍورڍ پوک حرام آهن جنهن لاءِ گهرون تنهن کان سواءِ اُن کي ڪوئي نہ کائي ۽ (چوندا آهن تہ) هڪڙن ڍورن جي پٺي (سواريءَ لاءِ) حرام ڪئي ويئي آهي ۽ (ٻين) ڍورن تي (ذبح وقت) اللّٰه جو نالو ياد نہ ڪندا آهن (اِهي ڳالهيون) اللّٰه تي ڪوڙي ٺاهڻ سان (ڪندا آهن)۔ جيڪي ٺاهه ٺاهيندا آهن تنهن جي ڪين سگهو سزا ڏيندو (١٣٨). ۽ چوندا آهن تہ جيڪي هِنن ڍورن جي پيٽن ۾ آهي سو خاص اسان جي مردن لاءِ آهي ۽ اسان جي زالن تي حرام ڪيل آهي، ۽ جيڪڏهن مئل هوندو تہ اُهي (سڀ) اُن ۾ ڀائيوار آهن۔ سندن تقرير جي ڪين سگهي سزا ڏيندو، ڇو تہ اللّٰه حڪمت وارو ڄاڻندڙ آهي (١٣٩). جن پنهنجي اولاد کي بنا علم جي بيوقوفي ڪري ڪُٺو ۽ جيڪي اللّٰه سندن رزق ڏنو سو اللّٰه تي ڪوڙي ٺاهه ٺاهڻ سان حرام ڪيائون سي بيشڪ نقصان وارا ٿيا۔ (اُهي) بيشڪ ڀُلا ۽ هدايت وارا نہ آهن (١٤٠). ۽ اُهو (اللّٰه) آهي جنهن ڇپرن وارا ۽ بنا ڇپرن وارا باغ ۽ کجيون ۽ پوکون جن جا ڦر قسم قسم ۽ زيتون ۽ ڏاڙهون هڪ جهڙا ۽ جدا جدا قسم جا پيدا ڪيا، جڏهن ڦرن تڏهن سندن ڦر مان کائو ۽ سندن لاباري وقت اللّٰه جو حق (سندن زڪواة) ڏيو ۽ اَجايو نہ وڃايو۔ ڇو تہ اللّٰه اجائي وڃائيندڙن کي دوست نہ رکندو آهي (١٤١). ۽ ڍورن مان (وڏا وڏا) بار کڻڻ وارا ۽ زمين سان لڳل (ننڍا جانور پيدا ڪيائين)۔ اللّٰه جيڪا اوهان جي روزي ڪئي آهي تنهن مان کائو ۽ شيطان جي وکن تي نہ هلو۔ ڇو تہ اُهو اوهان جو پڌرو ويري آهي (١٤٢).

ثَمٰنِيَةَ اَزْوَاجٍ ۚ مِنَ الضَّاْنِ اثْنَيْنِ وَمِنَ الْمَعْزِ اثْنَيْنِ ؕ
قُلْ ءٰٓالذَّكَرَيْنِ حَرَّمَ اَمِ الْاُنْثَيَيْنِ اَمَّا اشْتَمَلَتْ عَلَيْهِ
اَرْحَامُ الْاُنْثَيَيْنِ ؕ نَبِّـُٔوْنِیْ بِعِلْمٍ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ۙ﴿١٤٣﴾
وَمِنَ الْاِبِلِ اثْنَيْنِ وَمِنَ الْبَقَرِ اثْنَيْنِ ؕ قُلْ ءٰٓالذَّكَرَيْنِ
حَرَّمَ اَمِ الْاُنْثَيَيْنِ اَمَّا اشْتَمَلَتْ عَلَيْهِ اَرْحَامُ الْاُنْثَيَيْنِ ؕ
اَمْ كُنْتُمْ شُهَدَآءَ اِذْ وَصّٰىكُمُ اللّٰهُ بِهٰذَا ۚ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ
افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا لِّيُضِلَّ النَّاسَ بِغَيْرِ عِلْمٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا
يَهْدِی الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٤٤﴾ ع قُلْ لَّاۤ اَجِدُ فِیْ مَاۤ اُوْحِیَ اِلَیَّ
مُحَرَّمًا عَلٰى طَاعِمٍ يَّطْعَمُهٗۤ اِلَّاۤ اَنْ يَّكُوْنَ مَيْتَةً اَوْ
دَمًا مَّسْفُوْحًا اَوْ لَحْمَ خِنْزِيْرٍ فَاِنَّهٗ رِجْسٌ اَوْ فِسْقًا
اُهِلَّ لِغَيْرِ اللّٰهِ بِهٖ ۚ فَمَنِ اضْطُرَّ غَيْرَ بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَاِنَّ
رَبَّكَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٤٥﴾ وَعَلَى الَّذِيْنَ هَادُوْا حَرَّمْنَا كُلَّ
ذِیْ ظُفُرٍ ۚ وَمِنَ الْبَقَرِ وَالْغَنَمِ حَرَّمْنَا عَلَيْهِمْ شُحُوْمَهُمَاۤ
اِلَّا مَا حَمَلَتْ ظُهُوْرُهُمَاۤ اَوِ الْحَوَايَاۤ اَوْ مَا اخْتَلَطَ
بِعَظْمٍ ؕ ذٰلِكَ جَزَيْنٰهُمْ بِبَغْيِهِمْ ۖ وَاِنَّا لَصٰدِقُوْنَ ﴿١٤٦﴾

(ڍور) اَٺ قسم آهن، رڍن مان ٻه ۽ ٻڪرين مان ٻه (نر ۽ ماديون) آهن- (اي پيغمبر! ڪافرن) پڇ ته (الله) ٻنهي نرن کي حرام ڪيو آهي يا مادين کي يا جنهن کي ٻنهي قسمن جي مادين جي ڳڀڻين لپيٽيو آهي؟ جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته مونکي دليل سان خبر ڏيو (١٤٣). ۽ اُٺن مان ٻه قسم ۽ ڳئن مان ٻه قسم (اي پيغمبر! ڪافرن) پڇ ته نرن کي الله حرام ڪيو آهي يا مادين کي يا جنهن کي ٻنهي قسمن جي مادين جي ڳڀڻين لپيٽيو آهي؟ يا جنهن مهل الله اوهان کي اها وصيت ڪئي تنهن مهل (اوهين) حاضر هيؤ؟ پوءِ جيڪو الله تي ڪوڙو ٺاهه هن لاءِ ٺاهي ته جاڻپ کان سواءِ ماڻهن کي ڀُلائي تنهن کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي؟ ڇو ته الله ظالم قوم کي سڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي (١٤٤). (اي پيغمبر!) چؤ ته جيڪي حڪم مون ڏانهن نازل ٿيا آهن تن ۾ ڪا شيءِ جنهن کي کائيندڙ کائي حرام نه ٿو لهان هن کان سواءِ ته (اُهو) مئل هجي يا وهندڙ رت يا سوئر جو ماس جو اِهي (سڀ) حرام آهن، يا گناهه طرح جنهن (شيءِ) تي الله جي نالي کان سواءِ ٻئي جو نالو سڏيو وڃي، پوءِ جي ڪو لاچاري حالت ۾ نڪي بي فرمان ۽ نڪي حد کان لنگهندڙ ٿئي (۽ منجهائنس ڪجهه) ته بيشڪ تنهنجو پالڻهار بخشڻهار مهربان آهي (١٤٥). ۽ يهودين تي سڀئي نَهن وارا جانور حرام ڪيا هئاسون، ۽ (پڻ) ڳئن ۽ ٻڪرين مان اُنهن جي ڀِني واريءَ لڱل وهه يا آنڊي واريءَ يا هڏن سان گڏيل وهه کان سواءِ (ٻي سڀ وهه) مٿن حرام ڪئي هئي سون- اِها سندين بي فرمانيءَ سببان کين سزا ڏني سون ۽ اسين ته ضرور سچ چوڻ وارا آهيون (١٤٦).

فَاِنْ كَذَّبُوْكَ فَقُلْ رَّبُّكُمْ ذُوْ رَحْمَةٍ وَّاسِعَةٍ ۚ وَلَا يُرَدُّ
بَاْسُهٗ عَنِ الْقَوْمِ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿١٤٧﴾ سَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا
لَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَآ اَشْرَكْنَا وَلَآ اٰبَآؤُنَا وَلَا حَرَّمْنَا مِنْ شَيْءٍ ؕ
كَذٰلِكَ كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ حَتّٰى ذَاقُوْا بَاْسَنَا ؕ
قُلْ هَلْ عِنْدَكُمْ مِّنْ عِلْمٍ فَتُخْرِجُوْهُ لَنَا ؕ اِنْ تَتَّبِعُوْنَ
اِلَّا الظَّنَّ وَاِنْ اَنْتُمْ اِلَّا تَخْرُصُوْنَ ﴿١٤٨﴾ قُلْ فَلِلّٰهِ الْحُجَّةُ الْبَالِغَةُ ۚ
فَلَوْ شَآءَ لَهَدٰىكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿١٤٩﴾ قُلْ هَلُمَّ شُهَدَآءَكُمُ
الَّذِيْنَ يَشْهَدُوْنَ اَنَّ اللّٰهَ حَرَّمَ هٰذَا ۚ فَاِنْ شَهِدُوْا
فَلَا تَشْهَدْ مَعَهُمْ ۚ وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا
بِاٰيٰتِنَا وَالَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ وَهُمْ بِرَبِّهِمْ
يَعْدِلُوْنَ ﴿١٥٠﴾ ع قُلْ تَعَالَوْا اَتْلُ مَا حَرَّمَ رَبُّكُمْ عَلَيْكُمْ اَلَّا
تُشْرِكُوْا بِهٖ شَيْئًا وَّبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا ۚ وَلَا تَقْتُلُوْٓا
اَوْلَادَكُمْ مِّنْ اِمْلَاقٍ ؕ نَحْنُ نَرْزُقُكُمْ وَاِيَّاهُمْ ۚ وَلَا تَقْرَبُوا
الْفَوَاحِشَ مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَمَا بَطَنَ ۚ وَلَا تَقْتُلُوا النَّفْسَ الَّتِيْ
حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالْحَقِّ ؕ ذٰلِكُمْ وَصّٰىكُمْ بِهٖ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿١٥١﴾

پوءِ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن توکي ڪوڙو ڀانئين ته چؤ ته اوهان جو پالڻهار گهڻي رحمت وارو آهي ۽ ڏوهارڻ قوم کان سندن عذاب نه ٽاربو (١٤٧). مشرڪ سگهو چوندا ته جي الله گهري ها ته نڪي اسين شرڪ ڪريون ها ۽ نڪي اسان جا ابا ڏاڏا (شرڪ ڪن ها) ۽ نڪي اسين (پاڻ تي) ڪا شيءِ حرام ڪريون ها. اهڙيءَ طرح کانئن جيڪي اڳ هئا تن به ڪوڙ ڀانيو تان جو اسان جي سزا (جو مزو) چکيائون. (اي پيغمبر! کين) چؤ ته اوهان وٽ ڪو دليل آهي ته اُهو اسان لاءِ ڪڍي آڻيو. (اوهين) رڳو گمان تي هلندا آهيو ۽ اوهين رڳو اٽڪل هڻندا آهيو (١٤٨). (اي پيغمبر! کين) چؤ ته الله جي حجت مضبوط آهي، جيڪڏهن گهري ها ته ضرور اوهان مڙني کي سڌو رستو ڏيکاري ها (١٤٩). (اي پيغمبر! کين) چؤ ته پنهنجن شاهدن کي سڏيو جيڪي شاهدي ڏين ته الله اِنهن (مٿين شين) کي حرام ڪيو آهي پوءِ جيڪڏهن (اُهي اچي) شاهدي ڏين ته (تون) اُنهن سان شاهدي نه ڏي، ۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڄاتو ۽ جيڪي آخرت کي نه مڃيندا آهن تن جي چوڻ تي نه هل ۽ اُهي پنهنجي پالڻهار سان ٻين کي برابر ڪن ٿا (١٥٠). (اي پيغمبر! کين) چؤ ته اوهان جي پالڻهار اوهان تي جيڪي حرام ڪيو آهي سو اچو ته آءٌ پڙهي ٻڌايان (اُهو هي آهي ته) اوهين ڪنهن شيءِ کي ساڻس شريڪ نه ڪريو ۽ ماءُ پيءُ سان چڱائي ڪريو، ۽ اوهين پنهنجي اولاد کي سڃائيءَ سببان نه ڪهو. اسين اوهان کي (به) ۽ (خاص) اُنهن کي (به) روزي ڏيندا آهيون، ۽ بي حيائيءَ جي ڪمن مان جيڪي پڌرو هجي ۽ جيڪي ڳجهو هجي تنهن (سڀ) کي (اوهين) ويجها نه وڃو، ۽ نڪي (اهڙي) ماڻهو کي ماريو جنهن جو مارڻ حق (شرعي قانون) کان سواءِ الله حرام ڪيو آهي. اِهو (حڪم) آهي جنهن سان اوهان کي (الله) وصيت فرمائي آهي مانَ اوهين سمجهو (١٥١).

وَلَا تَقْرَبُوْا مَالَ الْيَتِيْمِ اِلَّا بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ حَتّٰى
يَبْلُغَ اَشُدَّهٗ ۚ وَاَوْفُوا الْكَيْلَ وَالْمِيْزَانَ بِالْقِسْطِ ۚ لَا نُكَلِّفُ
نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا ۚ وَاِذَا قُلْتُمْ فَاعْدِلُوْا وَلَوْ كَانَ ذَا قُرْبٰى ۚ
وَبِعَهْدِ اللّٰهِ اَوْفُوْا ؕ ذٰلِكُمْ وَصّٰىكُمْ بِهٖ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿١٥٢﴾ ۙ
وَاَنَّ هٰذَا صِرَاطِيْ مُسْتَقِيْمًا فَاتَّبِعُوْهُ ۚ وَلَا تَتَّبِعُوا السُّبُلَ
فَتَفَرَّقَ بِكُمْ عَنْ سَبِيْلِهٖ ؕ ذٰلِكُمْ وَصّٰىكُمْ بِهٖ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿١٥٣﴾
ثُمَّ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ تَمَامًا عَلَى الَّذِيْۤ اَحْسَنَ وَتَفْصِيْلًا
لِّكُلِّ شَيْءٍ وَّهُدًى وَّرَحْمَةً لَّعَلَّهُمْ بِلِقَآءِ رَبِّهِمْ يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٥٤﴾ ع
وَهٰذَا كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ مُبٰرَكٌ فَاتَّبِعُوْهُ وَاتَّقُوْا لَعَلَّكُمْ
تُرْحَمُوْنَ ﴿١٥٥﴾ ۙ اَنْ تَقُوْلُوْۤا اِنَّمَاۤ اُنْزِلَ الْكِتٰبُ عَلٰى طَآئِفَتَيْنِ
مِنْ قَبْلِنَا ۪ وَاِنْ كُنَّا عَنْ دِرَاسَتِهِمْ لَغٰفِلِيْنَ ﴿١٥٦﴾ ۙ اَوْ تَقُوْلُوْا
لَوْ اَنَّاۤ اُنْزِلَ عَلَيْنَا الْكِتٰبُ لَكُنَّاۤ اَهْدٰى مِنْهُمْ ۚ فَقَدْ
جَآءَكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ ۚ فَمَنْ اَظْلَمُ
مِمَّنْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَصَدَفَ عَنْهَا ؕ سَنَجْزِي الَّذِيْنَ
يَصْدِفُوْنَ عَنْ اٰيٰتِنَا سُوْٓءَ الْعَذَابِ بِمَا كَانُوْا يَصْدِفُوْنَ ﴿١٥٧﴾

۽ جيڪو (طريقو) بهتر هجي تنهن کان سواءِ (ٻئي طريقي سان) يتيم جي مال کي ويجها نہ وڃو جيسين اُهو پنهنجي جوانيءَ کي پهچي، ۽ ماپ ۽ تور انصاف سان پوري ڏيو وٺو، اسين ڪنهن ماڻهو کي سندس وس کان سواءِ (وڌيڪ) تڪليف نہ ٿا ڏيون، ۽ جڏهن اوهين (پاڻ ۾) ڳالهايو تڏهن انصاف سان هلو جيتوڻيڪ مائٽيءَ وارو هجي، ۽ الله جو انجام پاڙيو۔ انهيءَ (حڪم جي) اوهان کي وصيت ڪئي اٿس تہ مانَ اوهين نصيحت وٺو (١٥٢). ۽ هيءَ تہ اِها منهنجي سڌي واٽ آهي تنهن ڪري اُن تي هلو، ۽ ٻين واٽن تي نہ هلو جو اُهي واٽون اوهان کي سندس واٽ کان جدا ڪنديون۔ انهيءَ (حڪم جي) اوهان کي وصيت فرمائي اٿس تہ مانَ اوهين پرهيزگاري ڪريو (١٥٣). وري موسىٰ کي ڪتاب اُنهيءَ ماڻهو تي پنهنجي نعمت جي پوري ڪرڻ لاءِ جو ڀلارو هجي ۽ سڀ ڪنهن شيءِ جي تفصيل لاءِ ۽ هدايت ۽ ٻاجھ لاءِ ڏنوسون تہ مانَ اُهي پنهنجي پالڻهار جي ملاقات کي مڃين (١٥٤). هيءُ برڪت وارو ڪتاب (يعني قرآن) لاٿوسون تنهنڪري اُن جي تابعداري ڪريو ۽ ڊڄو تہ اوهان تي ٻاجھ ڪئي وڃي (١٥٥). (هن لاءِ لاٿو سون تہ اي ڪافرؤ!) متان چوڻ لڳو تہ اسان کان اڳ وارين ٻن ٽولين کان سواءِ ٻئي (ڪنهن) تي ڪتاب نہ لاٿو ويو آهي ۽ اسين سندن پڙهي پڙهائي کان بيخبر هئاسون (١٥٦). يا چئو تہ جيڪڏهن اسان تي ڪو ڪتاب نازل ٿئي ها تہ (اسين) ضرور اُنهن کان وڌيڪ هدايت وارا ٿيون ها، پوءِ بيشڪ اوهان جي پالڻهار کان (روشن) دليل ۽ هدايت ۽ ٻاجھ اوهان وٽ آئي آهي، پوءِ اُن کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جو الله جي آيتن کي ڪوڙ چوي ۽ کائنئن منهن موڙي؟ جيڪي اسان جي آيتن کان منهن موڙيندا تن کي اُنهيءَ سببان بڇڙي عذاب جي سزا ڏينداسون جو منهن موڙيندا هئا (١٥٧).

هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ تَاْتِيَهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ اَوْ يَاْتِيَ رَبُّكَ اَوْ يَاْتِيَ
بَعْضُ اٰيٰتِ رَبِّكَ ؕ يَوْمَ يَاْتِيْ بَعْضُ اٰيٰتِ رَبِّكَ لَا يَنْفَعُ نَفْسًا
اِيْمَانُهَا لَمْ تَكُنْ اٰمَنَتْ مِنْ قَبْلُ اَوْ كَسَبَتْ فِيْٓ اِيْمَانِهَا خَيْرًا ؕ قُلِ
انْتَظِرُوْٓا اِنَّا مُنْتَظِرُوْنَ ﴿١٥٨﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ فَرَّقُوْا دِيْنَهُمْ وَكَانُوْا شِيَعًا
لَّسْتَ مِنْهُمْ فِيْ شَيْءٍ ؕ اِنَّمَآ اَمْرُهُمْ اِلَى اللّٰهِ ثُمَّ يُنَبِّئُهُمْ بِمَا كَانُوْا
يَفْعَلُوْنَ ﴿١٥٩﴾ مَنْ جَآءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ عَشْرُ اَمْثَالِهَا ۚ وَمَنْ جَآءَ
بِالسَّيِّئَةِ فَلَا يُجْزٰٓى اِلَّا مِثْلَهَا وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿١٦٠﴾ قُلْ اِنَّنِيْ
هَدٰىنِيْ رَبِّيْٓ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ۚ دِيْنًا قِيَمًا مِّلَّةَ اِبْرٰهِيْمَ
حَنِيْفًا ۚ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٦١﴾ قُلْ اِنَّ صَلَاتِيْ وَنُسُكِيْ وَ
مَحْيَايَ وَمَمَاتِيْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٦٢﴾ لَا شَرِيْكَ لَهٗ ۚ وَبِذٰلِكَ اُمِرْتُ
وَاَنَا اَوَّلُ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿١٦٣﴾ قُلْ اَغَيْرَ اللّٰهِ اَبْغِيْ رَبًّا وَّهُوَ رَبُّ كُلِّ شَيْءٍ ؕ
وَلَا تَكْسِبُ كُلُّ نَفْسٍ اِلَّا عَلَيْهَا ۚ وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ۚ ثُمَّ اِلٰى
رَبِّكُمْ مَّرْجِعُكُمْ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿١٦٤﴾ وَهُوَ الَّذِيْ
جَعَلَكُمْ خَلٰٓئِفَ الْاَرْضِ وَرَفَعَ بَعْضَكُمْ فَوْقَ بَعْضٍ دَرَجٰتٍ لِّيَبْلُوَكُمْ
فِيْ مَآ اٰتٰىكُمْ ؕ اِنَّ رَبَّكَ سَرِيْعُ الْعِقَابِ ۖ وَاِنَّهٗ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٦٥﴾ ع

هن کان سواءِ انتظار نہ ڪندا آهن تہ وٽن ملائڪ اچن يا تنهنجو پالڻهار اچي يا تنهنجي پالڻهار جون ڪي نشانيون اچن، جنهن ڏينهن تنهنجي پالڻهار جون ڪي نشانيون ايندیون (تنهن ڏينهن) اهڙي ڪنهن ماڻهوءَ ڪي سندس ايمان آڻڻ فائدو نہ ڏيندو جنهن اڳ ايمان نہ آندو هوندو يا پنهنجي ايمان ۾ چڱائي نہ ڪئي هوندي- (اي پيغمبر! ڪين) چؤ تہ (اوهين بہ) انتظار ڪريو اسين بہ انتظار ڪندڙ آهيون (١٥٨). جن پنهنجي دين کي ڏاروڏار ڪري ڇڏيو ۽ ٽوليون ٽوليون ٿي ويا تن سان تنهنجو ڪو واسطو نہ آهي- سندن ڪم الله جي ئي حوالي آهي وري جيڪي ڪندا آهن تنهن جي کين سُڌ ڏيندو (١٥٩). جيڪو ڪا چڱائي (الله جي حضور ۾) آڻيندو تنهن لاءِ اُن جهڙيون ڏهوڻيون آهن، ۽ جيڪو بڇڙائي آڻيندو تنهن کي اُن جهڙيءَ کان سواءِ (ٻي) سزا نہ ڏبي ۽ اُنهن تي ظلم نہ ڪبو (١٦٠). (اي پيغمبر! ڪين) چؤ تہ منهنجي پالڻهار مون کي سڌيءَ واٽ ڏانهن هدايت ڪئي آهي، جو محڪم دين ابراهيم حنيف (خدا ڏانهن هڪ طرفي) جو طريقو آهي، ۽ (ابراهيم) مشرڪن مان نہ هو (١٦١). (اي پيغمبر! ڪين هيءُ بہ) چؤ تہ منهنجي نماز ۽ منهنجون مڙئي عبادتون ۽ منهنجو جيئڻ ۽ منهنجو مرڻ (سڀ) جهانن جي پالڻهار الله لاءِ آهي (١٦٢). ان جو ڪو شريڪ نہ آهي، ۽ مون کي اُن لاءِ حڪم ٿيل آهي ۽ آءٌ پهريون مسلمان آهيان (١٦٣). (اي پيغمبر!) چؤ تہ الله کان سواءِ ٻيو پالڻهار ڇو گهران؟ حالانڪ اُهو هر شيءِ جو پالڻهار آهي- ۽ سڀ ڪو ماڻهو جيڪي ڪندو سو (بار) رڳو مٿس هوندو، ۽ ڪو کڻندڙ ٻئي جو بار نہ کڻندو، وري اوهان کي پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽڻ جو هنڌ آهي پوءِ جنهن ڳالهہ بابت اوهين تڪرار ڪندا آهيو تنهن جي اوهان کي سُڌ ڏيندو (١٦٤). ۽ اُهو (الله) آهي جنهن اوهان کي زمين جو بادشاهہ ڪيو آهي ۽ اوهان مان ڪن جا درجا ڪن کان هن لاءِ بلند ڪيائين تہ جيڪي اوهان کي ڏنو اٿس تنهن ۾ اوهان کي پرکي- ڇو تہ تنهنجو پالڻهار جلد سزا ڏيندڙ (بہ) آهي ۽ بيشڪ اُهو بخشڻهار مهربان (بہ) آهي (١٦٥).

# سُوْرَةُ الْأَعْرَافِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الٓمّٓصٓ ۝١ كِتٰبٌ اُنْزِلَ اِلَيْكَ فَلَا يَكُنْ فِيْ صَدْرِكَ حَرَجٌ
مِّنْهُ لِتُنْذِرَ بِهٖ وَذِكْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ ۝٢ اِتَّبِعُوْا مَآ اُنْزِلَ
اِلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَلَا تَتَّبِعُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَآءَ ؕ قَلِيْلًا مَّا
تَذَكَّرُوْنَ ۝٣ وَكَمْ مِّنْ قَرْيَةٍ اَهْلَكْنٰهَا فَجَآءَهَا بَاْسُنَا بَيَاتًا
اَوْ هُمْ قَآئِلُوْنَ ۝٤ فَمَا كَانَ دَعْوٰىهُمْ اِذْ جَآءَهُمْ بَاْسُنَآ اِلَّآ اَنْ
قَالُوْٓا اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ۝٥ فَلَنَسْـَٔلَنَّ الَّذِيْنَ اُرْسِلَ اِلَيْهِمْ
وَلَنَسْـَٔلَنَّ الْمُرْسَلِيْنَ ۝٦ فَلَنَقُصَّنَّ عَلَيْهِمْ بِعِلْمٍ وَّمَا كُنَّا
غَآئِبِيْنَ ۝٧ وَالْوَزْنُ يَوْمَئِذِ ِۨالْحَقُّ ۚ فَمَنْ ثَقُلَتْ مَوَازِيْنُهٗ
فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۝٨ وَمَنْ خَفَّتْ مَوَازِيْنُهٗ فَاُولٰٓئِكَ
الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ بِمَا كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يَظْلِمُوْنَ ۝٩ وَلَقَدْ
مَكَّنّٰكُمْ فِي الْاَرْضِ وَجَعَلْنَا لَكُمْ فِيْهَا مَعَايِشَ ؕ قَلِيْلًا مَّا
تَشْكُرُوْنَ ۝١٠ ع وَلَقَدْ خَلَقْنٰكُمْ ثُمَّ صَوَّرْنٰكُمْ ثُمَّ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ
اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ ۖ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ لَمْ يَكُنْ مِّنَ السّٰجِدِيْنَ ۝١١

سورة اَعراف مڪي آهي ۽ هيءَ ٻه سؤ
ڇه آيتون ۽ ڇوويهه رڪوع آهي.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

المص (١). (اي پيغمبر! هي) ڪتاب تو ڏانهن لاٿو ويو ته ساڻس (ماڻهن کي) ڊيڄارين تنهن ڪري ان بابت تنهنجي سيني ۾ ڪا تنگي نه ٿيڻ گهرجي ۽ مؤمنن لاءِ نصيحت آهي (٢). جيڪي اوهان ڏانهن اوهان جي پالڻهار کان لاٿو ويو تنهن جي پيروي ڪريو ۽ اُن (الله) کان سواءِ ٻين دوستن جي پيروي نه ڪريو. اوهان (تمام) گهٽ نصيحت وٺندا آهيو (٣). ۽ گهڻائي ڳوٺ هئا جي ويران ڪياسون پوءِ (يا) راتو واه (سمهڻ مهل) اُنهن کي اسان جو عذاب پهتو يا اُهي منجهند جو ننڊ ڪرڻ وارا هئا (٤). پوءِ جڏهن کين اسان جو عذاب پهتو (تڏهن) سندين پڪار هن چوڻ کان سواءِ نه هئي ته اسين (پاڻ تي) ظلم ڪندڙ هئاسون! (٥). پوءِ جن ڏانهن پيغمبر موڪليا ويا تن کان (به) ضرور پڇنداسون ۽ پيغمبرن کان (به) ضرور پڇنداسون (٦). پوءِ (سندن ڪرتوت) مٿن علم سان بيان ڪنداسون ۽ اسين پري نه هئاسون (٧). ۽ اُن ڏينهن (عملن جي) تور سچ آهي، پوءِ جن جا پَلڙا ڳرا ٿيا سي ئي ڇٽل آهن (٨). ۽ جن جا پلڙا هلڪا ٿيا سي اُهي آهن جن پاڻ کي انهيءَ سببان نقصان لاتو جو اسان جي آيتن بابت انڪار ڪندا هئا (٩). ۽ بيشڪ اوهان کي زمين ۾ ٽڪايوسون ۽ منجهس اوهان لاءِ گذران (جو اُپاءُ) رکيوسون. (پر اوهين) ٿورو شڪر ڪندا آهيو (١٠). ۽ بيشڪ اوهان کي پيدا ڪيوسون وري اوهان جي شڪل ٺاهيسون وري ملائڪن کي چيوسون ته آدم کي سجدو ڪريو پوءِ شيطان کان سواءِ (ٻين) سجدو ڪيو(شيطان) سجدي ڪندڙن مان نه ٿيو (١١).

قَالَ مَا مَنَعَكَ اَلَّا تَسْجُدَ اِذْ اَمَرْتُكَ ؕ قَالَ اَنَا خَيْرٌ مِّنْهُ ۚ خَلَقْتَنِيْ
مِنْ نَّارٍ وَّخَلَقْتَهٗ مِنْ طِيْنٍ ﴿۱۲﴾ قَالَ فَاهْبِطْ مِنْهَا فَمَا يَكُوْنُ لَكَ
اَنْ تَتَكَبَّرَ فِيْهَا فَاخْرُجْ اِنَّكَ مِنَ الصّٰغِرِيْنَ ﴿۱۳﴾ قَالَ اَنْظِرْنِيْۤ
اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ﴿۱۴﴾ قَالَ اِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِيْنَ ﴿۱۵﴾ قَالَ فَبِمَاۤ اَغْوَيْتَنِيْ
لَاَقْعُدَنَّ لَهُمْ صِرَاطَكَ الْمُسْتَقِيْمَ ﴿۱۶﴾ ۙ ثُمَّ لَاٰتِيَنَّهُمْ مِّنْۢ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ
وَمِنْ خَلْفِهِمْ وَعَنْ اَيْمَانِهِمْ وَعَنْ شَمَآئِلِهِمْ ؕ وَلَا تَجِدُ اَكْثَرَهُمْ
شٰكِرِيْنَ ﴿۱۷﴾ قَالَ اخْرُجْ مِنْهَا مَذْءُوْمًا مَّدْحُوْرًا ؕ لَمَنْ تَبِعَكَ مِنْهُمْ
لَاَمْلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنْكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿۱۸﴾ وَيٰۤاٰدَمُ اسْكُنْ اَنْتَ وَزَوْجُكَ
الْجَنَّةَ فَكُلَا مِنْ حَيْثُ شِئْتُمَا وَلَا تَقْرَبَا هٰذِهِ الشَّجَرَةَ فَتَكُوْنَا
مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۹﴾ فَوَسْوَسَ لَهُمَا الشَّيْطٰنُ لِيُبْدِيَ لَهُمَا مَا وٗرِيَ
عَنْهُمَا مِنْ سَوْاٰتِهِمَا وَقَالَ مَا نَهٰىكُمَا رَبُّكُمَا عَنْ هٰذِهِ الشَّجَرَةِ
اِلَّاۤ اَنْ تَكُوْنَا مَلَكَيْنِ اَوْ تَكُوْنَا مِنَ الْخٰلِدِيْنَ ﴿۲۰﴾ وَقَاسَمَهُمَاۤ اِنِّيْ
لَكُمَا لَمِنَ النّٰصِحِيْنَ ﴿۲۱﴾ ۙ فَدَلّٰىهُمَا بِغُرُوْرٍ ۚ فَلَمَّا ذَاقَا الشَّجَرَةَ بَدَتْ لَهُمَا
سَوْاٰتُهُمَا وَطَفِقَا يَخْصِفٰنِ عَلَيْهِمَا مِنْ وَّرَقِ الْجَنَّةِ ؕ وَنَادٰىهُمَا رَبُّهُمَاۤ اَلَمْ
اَنْهَكُمَا عَنْ تِلْكُمَا الشَّجَرَةِ وَاَقُلْ لَّكُمَاۤ اِنَّ الشَّيْطٰنَ لَكُمَا عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿۲۲﴾

(الله) چيو تہ توکي سجدي ڪرڻ کان ڪهڙي (ڳالھ) جھليو؟ جڏھن تہ توکي حڪم (بہ) ڪيم۔ چيائين تہ آءٌ کانئس ڀلو آهيان، مون کي باھ مان پيدا ڪيو اٿيئي ۽ اُن کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو اٿيئي (١٢). (الله) چيو تہ اُن (آسمان) مان هيٺ لهي وڃ توکي منجھس وڏائي ڪرڻ نہ جڳائيندي آهي تنھن ڪري (تون) نڪر چو تہ تون خوار ٿيلن مان آهين (١٣). چيائين قيامت جي ڏينهن تائين مون کي مهلت ڏي (١٤). (الله) فرمايو تہ يقيناً تون مهلت ڏنلن مان آهين (١٥). چيائين تہ اِنھيءَ سببان جو تو مون کي گمراھ ڪيو (آءٌ تہ) ماڻهن لاءِ تنھنجيءَ سڌيءَ واٽ تي ضرور ويهندس (١٦). پوءِ سندن اڳيان ۽ سندن پوئتان ۽ سندن سڄي پاسي کان ۽ سندن کٻي پاسي کان وٽن ايندس ۽ منجھانئن گھڻا شڪر ڪندڙ نہ لهندين (١٧). (الله) فرمايو تہ تون آسمانن مان خوار (۽) تڙيل ٿي نڪري وڃ اُنهن مان جيڪو تنھنجي تابعداري ڪندو (تنھن کي ۽ توکي دوزخ ۾ وجهي) اوهان مڙني مان دوزخ ضرور ڀريندس (١٨). ۽ (چيو سون تہ) اي آدم! تون ۽ تنھنجي زال بهشت ۾ وڃي رهو ۽ (جيڪي وڻيو سو) جتان وڻيو تتان کائو ۽ هِن وڻ کي ويجها نہ وڃجو نہ تہ ظالمن مان ٿيندؤ (١٩). پوءِ شيطان اُنهن کي هن لاءِ وسوسو وڌو تہ سندن اُگھڙن مان جيڪي کانئن ڍڪيل هو سو اُنهن لاءِ ظاهر ڪري ۽ چيائين تہ اوهان جي پالڻهار اوهان کي هن وڻ کان هن ڌاران نہ جھليو آهي تہ متان اوهين ملائڪ ٿي پئو يا (اُن ۾) سدائين رهڻ وارن مان ٿي پئو (٢٠). ۽ ساڻن ڪُٺي اُنهن کي چيائين تہ آءٌ (تہ) اوهان جو خير خواھ آهيان (٢١). پوءِ اُنهن کي ٺڳيءَ سان لاڙي وڌائين، پوءِ جنهن مهل وڻ مان چکيائون (تنهن مهل) سندين اُگھڙ کين ظاهر ٿي پئي ۽ بهشت جي وڻ مان پن (هڪ ٻئي سان ڳنڍي) پاڻ تي ويڙهڻ لڳا۔ ۽ سندن پالڻهار اُنهن کي سڏيو (۽ چيائين تہ) اوهان کي هن وڻ کان نہ جھليو هوم ڇا؟ ۽ اوهان کي نہ چيو هوم ڇا تہ شيطان اوهان جو پڌرو ويري آهي؟ (٢٢).

قَالَا رَبَّنَا ظَلَمْنَآ اَنْفُسَنَا ٚ وَاِنْ لَّمْ تَغْفِرْ لَنَا وَتَرْحَمْنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ
الْخٰسِرِيْنَ ۝۲۳ قَالَ اهْبِطُوْا بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ ۚ وَلَكُمْ فِي
الْاَرْضِ مُسْتَقَرٌّ وَّمَتَاعٌ اِلٰى حِيْنٍ ۝۲۴ قَالَ فِيْهَا تَحْيَوْنَ وَفِيْهَا
تَمُوْتُوْنَ وَمِنْهَا تُخْرَجُوْنَ ۝۲۵ ع يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ قَدْ اَنْزَلْنَا عَلَيْكُمْ لِبَاسًا
يُّوَارِيْ سَوْاٰتِكُمْ وَرِيْشًا ۭ وَلِبَاسُ التَّقْوٰى ۙ ذٰلِكَ خَيْرٌ ۭ ذٰلِكَ مِنْ
اٰيٰتِ اللّٰهِ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ۝۲۶ يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ لَا يَفْتِنَنَّكُمُ الشَّيْطٰنُ
كَمَآ اَخْرَجَ اَبَوَيْكُمْ مِّنَ الْجَنَّةِ يَنْزِعُ عَنْهُمَا لِبَاسَهُمَا لِيُرِيَهُمَا سَوْاٰتِهِمَا ۭ
اِنَّهٗ يَرٰىكُمْ هُوَ وَقَبِيْلُهٗ مِنْ حَيْثُ لَا تَرَوْنَهُمْ ۭ اِنَّا جَعَلْنَا الشَّيٰطِيْنَ
اَوْلِيَاۗءَ لِلَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ ۝۲۷ وَاِذَا فَعَلُوْا فَاحِشَةً قَالُوْا وَجَدْنَا
عَلَيْهَآ اٰبَاۗءَنَا وَاللّٰهُ اَمَرَنَا بِهَا ۭ قُلْ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَاْمُرُ بِالْفَحْشَاۗءِ ۭ
اَتَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ۝۲۸ قُلْ اَمَرَ رَبِّيْ بِالْقِسْطِ ۣ قف
وَاَقِيْمُوْا وُجُوْهَكُمْ عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ وَّادْعُوْهُ مُخْلِصِيْنَ
لَهُ الدِّيْنَ ۥ كَمَا بَدَاَكُمْ تَعُوْدُوْنَ ۝۲۹ ۭ فَرِيْقًا هَدٰى وَ
فَرِيْقًا حَقَّ عَلَيْهِمُ الضَّلٰلَةُ ۭ اِنَّهُمُ اتَّخَذُوا الشَّيٰطِيْنَ
اَوْلِيَاۗءَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَيَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ مُّهْتَدُوْنَ ۝۳۰

چيائون ته اي اسان جا پالڻهار! اسان پاڻ تي ظلم ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن (تون) اسان کي نه بخشيندين ۽ اسان تي ٻاجھ نه ڪندين ته ضرور خساري وارن مان ٿينداسون (٢٣). (الله) فرمايو ته هيٺ لهي وڃو اوهين پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا ويري آهيو، ۽ اوهان لاءِ زمين ۾ رهڻ جو هنڌ ۽ (گذران جو) سامان (ڪنهن) وقت تائين (ٺهرايل) آهي (٢٤). (الله) چيو ته اوهين منجهس حياتي گذاريندؤ ۽ منجهس مرندؤ ۽ منجهانئس (جيئرا ٿي) نڪرندؤ (٢٥). اي آدم جا اولاد! اوهان تي هڪ پوشاڪ بيشڪ لاٿي سون جا اوهان جي اُگهڙن کي ڍڪيندي ۽ سينگار جا ڪپڙا- ۽ پرهيزگاري جي پوشاڪ اِها (سيني کان) ڀلي آهي اِها الله جي نشانين مان آهي مانَ اُهي نصيحت وٺن (٢٦). اي آدم جا اولاد! شيطان اوهان کي اهڙيءَ طرح فتني ۾ نه وجهي جهڙيءَ طرح اوهان جي ماءُ پيءُ کي بهشت مان ٻاهر ڪڍيائين جو سندين پوشاڪ کائنئن هن لاءِ ڇڪي لاٿائين ته کين سندن اُگهڙ ڏيکاري- سچ آهي ته اُهو پاڻ ۽ سندس لشڪر جتان اوهين اُنهن کي ڏسي نه سگهندا آهيو (تتان اُهي) اوهان کي ڏسندا آهن- جيڪي نه مڃيندا آهن تن جو اسان شيطانن کي دوست بڻايو آهي (٢٧). ۽ (پڻ انهن جا دوست جي) جڏهن ڪو بي حيائي جو ڪم ڪن ٿا (تڏهن) چون ٿا ته اُن (واٽ) تي اسان پنهنجا ابا ڏاڏا (هلندا) ڏٺاسون ۽ الله اسان کي اُنهن (جي ڪرڻ) جو حڪم ڪيو آهي- (اي پيغمبر! کين) چؤ ته بيشڪ الله بي حيائيءَ جي ڪمن جو حڪم نه ڪندو آهي- اوهين الله تي اُهو (ڪوڙ) ڇو چوندا آهيو جنهن جي (سند) اوهين نه ڄاڻندا آهيو؟ (٢٨). چؤ ته تنهنجي پالڻهار انصاف جو حڪم ڪيو آهي، ۽ (حڪم ڪيو اٿس ته) پنهنجا منهن سڀ ڪنهن نماز مهل (الله ڏانهن) سڌا ڪريو ۽ اُن لاءِ سچا دينداري تي سندس عبادت ڪريو- جيئن پهريون اوهان کي پيدا ڪيائين تيئن (اوهين) موٽندؤ (٢٩). هڪ ٽوليءَ کي هدايت ڪيائين ۽ ٻيءَ ٽوليءَ تي گمراهي لازم ٿي چڪي آهي- ڇو ته اُنهن الله کان سواءِ شيطانن کي مددگار ڪري ورتو آهي ۽ ڀانئيندا آهن ته پاڻ هدايت وارا آهن (٣٠).

يٰبَنِيْۤ اٰدَمَ خُذُوْا زِيْنَتَكُمْ عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ وَّكُلُوْا وَاشْرَبُوْا وَلَا
تُسْرِفُوْا ۚ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿٣١﴾ قُلْ مَنْ حَرَّمَ زِيْنَةَ اللّٰهِ الَّتِيْۤ
اَخْرَجَ لِعِبَادِهٖ وَالطَّيِّبٰتِ مِنَ الرِّزْقِ ؕ قُلْ هِيَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فِي
الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا خَالِصَةً يَّوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ
يَّعْلَمُوْنَ ﴿٣٢﴾ قُلْ اِنَّمَا حَرَّمَ رَبِّيَ الْفَوَاحِشَ مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَمَا بَطَنَ وَ
الْاِثْمَ وَالْبَغْيَ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَاَنْ تُشْرِكُوْا بِاللّٰهِ مَا لَمْ يُنَزِّلْ بِهٖ سُلْطٰنًا
وَّاَنْ تَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٣٣﴾ وَلِكُلِّ اُمَّةٍ اَجَلٌ ۚ فَاِذَا جَآءَ
اَجَلُهُمْ لَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّلَا يَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿٣٤﴾ يٰبَنِيْۤ اٰدَمَ اِمَّا
يَاْتِيَنَّكُمْ رُسُلٌ مِّنْكُمْ يَقُصُّوْنَ عَلَيْكُمْ اٰيٰتِيْ ۙ فَمَنِ اتَّقٰى وَاَصْلَحَ
فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٣٥﴾ وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا
وَاسْتَكْبَرُوْا عَنْهَاۤ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٣٦﴾ فَمَنْ
اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِهٖ ؕ اُولٰٓئِكَ
يَنَالُهُمْ نَصِيْبُهُمْ مِّنَ الْكِتٰبِ ؕ حَتّٰۤى اِذَا جَآءَتْهُمْ رُسُلُنَا
يَتَوَفَّوْنَهُمْ ۙ قَالُوْۤا اَيْنَ مَا كُنْتُمْ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ
قَالُوْا ضَلُّوْا عَنَّا وَشَهِدُوْا عَلٰۤى اَنْفُسِهِمْ اَنَّهُمْ كَانُوْا كٰفِرِيْنَ ﴿٣٧﴾

اي آدم جا اولاد سڀ ڪنهن نماز مهل پنهنجي زينت (جي پوشاڪ) ڍڪيو ۽ کائو ۽ پيئو ۽ اجايو نہ وڃايو۔ ڇو تہ الله اَجائي وڃائيندڙ کي دوست نہ رکندو آهي (٣١). (اي پيغمبر!) چؤ تہ الله جي (بڻايل) زينت جيڪا، پنهنجن ٻانهن لاءِ پيدا ڪئي اٿس ۽ روزيءَ مان سٺيون، شيون ڪنهن حرام ڪيون آهن؟ چؤ تہ اُهي (شيون) دنيا جي حياتيءَ ۾ (۽) خلاصيون قيامت جي ڏينهن مؤمنن لاءِ آهن۔ اهڙيءَ طرح جا قوم ڄاڻندي آهي تنهن لاءِ نشانيون بيان ڪندا آهيون (٣٢). (اي پيغمبر!) چؤ تہ منهنجي پالڻهار بي حيائي جي ڪمن مان جيڪي ظاهر هجي ۽ جيڪي ڳجهو هجي ۽ (سڀ) گناه ۽ ناحق حد کان لنگهڻ ۽ اهڙيءَ شيءِ کي اوهان جو الله سان شريڪ ڪرڻ جنهن بابت ڪا حجت نہ لاٿي اٿس ۽ جيڪي نہ ڄاڻندا آهيو سو الله تي چوڻ، اِهي ئي حرام ڪيون آهن (٣٣). ۽ هر ڪنهن امت جو هڪ وقت ٺهرايل آهي، پوءِ جڏهن سندن مدت پهچندي (تڏهن) هڪ گهڙي نہ ڪي دير ڪندا ۽ نہ ڪي اَڳيرو ويندا (٣٤). اي آدم جا اولاد! جيڪڏهن اوهان وٽ اوهان مان پيغمبر اچن (جي) اوهان کي منهنجيون آيتون پڙهي ٻڌائين تہ جيڪي ڊڄندا ۽ پاڻ سڌاريندا تن کي نہ ڪو ڀؤ آهي ۽ نہ ڪي اُهي غمگين ٿيندا (٣٥). ۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڀانيو ۽ انهن (جي قبولڻ) کان وڏائي ڪئي سي دوزخي آهن، اُهي اُن ۾ سدائين رهڻ وارا آهن (٣٦). جنهن الله تي ڪوڙو ناهہ ٺاهيو يا سندس آيتن کي ڪوڙ ڀانيو تنهن کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي؟ انهن کي (لوح محفوظ ۾) لکيل مان سندن حصو (سک ۽ ڏک جو) ملندو رهندو۔ تان جو جنهن مهل اسان جا قاصد (ملائڪ) سندن روح ڪڍڻ لاءِ ايندا (تڏهن ڪين) چوندا تہ اوهين الله کان سواءِ جن کي سڏيندا هيؤ سي ڪٿي آهن؟ چوندا تہ اسان کان ڀلجي ويا ۽ پاڻ تي شاهدي ڏيندا تہ پاڻ ڪافر هئا (٣٧).

قَالَ ادْخُلُوْا فِیْۤ اُمَمٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِكُمْ مِّنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ
فِی النَّارِ ؕ كُلَّمَا دَخَلَتْ اُمَّةٌ لَّعَنَتْ اُخْتَهَا ؕ حَتّٰۤی اِذَا ادَّارَكُوْا فِیْهَا
جَمِیْعًا ۙ قَالَتْ اُخْرٰىهُمْ لِاُوْلٰىهُمْ رَبَّنَا هٰۤؤُلَآءِ اَضَلُّوْنَا فَاٰتِهِمْ
عَذَابًا ضِعْفًا مِّنَ النَّارِ ؕ۬ قَالَ لِكُلٍّ ضِعْفٌ وَّلٰكِنْ لَّا تَعْلَمُوْنَ ﴿٣٨﴾
وَقَالَتْ اُوْلٰىهُمْ لِاُخْرٰىهُمْ فَمَا كَانَ لَكُمْ عَلَیْنَا مِنْ فَضْلٍ
فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْسِبُوْنَ ﴿٣٩﴾ ع اِنَّ الَّذِیْنَ كَذَّبُوْا
بِاٰیٰتِنَا وَاسْتَكْبَرُوْا عَنْهَا لَا تُفَتَّحُ لَهُمْ اَبْوَابُ السَّمَآءِ وَلَا
یَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ حَتّٰی یَلِجَ الْجَمَلُ فِیْ سَمِّ الْخِیَاطِ ؕ وَكَذٰلِكَ
نَجْزِی الْمُجْرِمِیْنَ ﴿٤٠﴾ لَهُمْ مِّنْ جَهَنَّمَ مِهَادٌ وَّمِنْ فَوْقِهِمْ غَوَاشٍ ؕ
وَكَذٰلِكَ نَجْزِی الظّٰلِمِیْنَ ﴿٤١﴾ وَالَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ
لَا نُكَلِّفُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَاۤ اُولٰٓىٕكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۚ هُمْ فِیْهَا
خٰلِدُوْنَ ﴿٤٢﴾ وَنَزَعْنَا مَا فِیْ صُدُوْرِهِمْ مِّنْ غِلٍّ تَجْرِیْ مِنْ
تَحْتِهِمُ الْاَنْهٰرُ ۚ وَقَالُوا الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ هَدٰىنَا لِهٰذَا ۫ وَمَا كُنَّا
لِنَهْتَدِیَ لَوْلَاۤ اَنْ هَدٰىنَا اللّٰهُ ۚ لَقَدْ جَآءَتْ رُسُلُ رَبِّنَا بِالْحَقِّ ؕ
وَنُوْدُوْۤا اَنْ تِلْكُمُ الْجَنَّةُ اُوْرِثْتُمُوْهَا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٤٣﴾

(الله) چوندو تہ اُنهيءَ ٽوليءَ سان دوزخ ۾ گهڙو جيڪي اوهان کان اڳ جنن ۽ ماڻهن مان گذري ويا. جنهن مهل هڪ ٽولي پئي گهڙندي (تنهن مهل) پنهنجي سنگت تي لعنت پئي ڪندي. تان جو جنهن مهل منجهس مڙئي گهڙندا (تنهن مهل) سندن پوئين ٽولي پنهنجي پهرينءَ ٽوليءَ لاءِ چوندي تہ اي اسان جا پالڻهار! هنن اسان کي گمراهہ ڪيو هو تنهن ڪري اِنهن کي باهہ جو ٻيڻو عذاب ڏي. (الله) چوندو تہ سڀ ڪنهن لاءِ ٻيڻو عذاب آهي پر اوهين نہ ٿا ڄاڻو (٣٨). ۽ منجهائن پهرين (ٽولي) اُنهن مان پوئين لاءِ چوندي تہ اسان تي اوهان جي ڪا وڌائي ڪانهي تنهنڪري جيڪي ڪمايو هيوَ تنهن سببان عذاب (جو مزو) چکو (٣٩). جن اسان جي حڪمن کي ڪوڙو ڀانيو ۽ کائن وڏائي ڪئي تن لاءِ آسمان جا دروازا نہ کوليا ويندا ۽ نہ کي ايستائين بهشت ۾ گهڙندا جيستائين اُٺ سُئيءَ جي ناڪي مان (نہ) لنگهي. ۽ اهڙيءَ طرح ڏوهارين کي سزا ڏيندا آهيون (٤٠). اُنهن لاءِ وڇاڻو (بہ) دوزخ جو هوندو ۽ سندن مٿان پوش (بہ دوزخ جو) رهندو. ۽ اهڙي طرح ظالمن کي سزا ڏيندا آهيون (٤١). ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ڪنهن ماڻهو کي سندس وس کان وڌيڪ تڪليف ڏيندا ئي نہ آهيون، اهي بهشتي آهن، اُهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن (٤٢). ۽ جيڪو غير سندن دلين ۾ هوندو سو ڪڍي ڇڏينداسون سندن (ماڙين جي) هيٺان واهيون پيون وهنديون، ۽ چوندا تہ سڀ ساراهہ اُنهيءَ الله کي جڳائي جنهن اسان کي هن (بهشت) ڏانهن رستو لاتو. جيڪڏهن الله اسان کي هدايت نہ ڪري ها تہ ڪڏهن اسين هدايت نہ لهون ها! بيشڪ اسان وٽ اسان جي پالڻهار جا پيغمبر سچ وٺي آيا. ۽ سڏيو ويندن تہ هي بهشت (اوهان کي ڏنو ويو) اُن جا اِنهيءَ سببان (اوهين) وارث آهيو جو (چڱائي) ڪندا هيؤ (٤٣).

وَنَادٰۤى اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ اَصْحٰبَ النَّارِ اَنْ قَدْ وَجَدْنَا مَا وَعَدَنَا
رَبُّنَا حَقًّا فَهَلْ وَجَدْتُّمْ مَّا وَعَدَ رَبُّكُمْ حَقًّا ؕ قَالُوْا نَعَمْ ۚ فَاَذَّنَ
مُؤَذِّنٌۢ بَيْنَهُمْ اَنْ لَّعْنَةُ اللّٰهِ عَلَى الظّٰلِمِيْنَ ۙ﴿۴۴﴾ الَّذِيْنَ يَصُدُّوْنَ
عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَيَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ۚ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ كٰفِرُوْنَ ﴿۴۵﴾
وَبَيْنَهُمَا حِجَابٌ ۚ وَعَلَى الْاَعْرَافِ رِجَالٌ يَّعْرِفُوْنَ كُلًّاۢ بِسِيْمٰىهُمْ ۚ
وَنَادَوْا اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ اَنْ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ ۟ لَمْ يَدْخُلُوْهَا وَهُمْ يَطْمَعُوْنَ ﴿۴۶﴾
وَاِذَا صُرِفَتْ اَبْصَارُهُمْ تِلْقَآءَ اَصْحٰبِ النَّارِ ۙ قَالُوْا رَبَّنَا لَا
تَجْعَلْنَا مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۴۷﴾ وَنَادٰۤى اَصْحٰبُ الْاَعْرَافِ رِجَالًا
يَّعْرِفُوْنَهُمْ بِسِيْمٰىهُمْ قَالُوْا مَاۤ اَغْنٰى عَنْكُمْ جَمْعُكُمْ وَمَا كُنْتُمْ
تَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿۴۸﴾ اَهٰۤؤُلَآءِ الَّذِيْنَ اَقْسَمْتُمْ لَا يَنَالُهُمُ اللّٰهُ بِرَحْمَةٍ ؕ
اُدْخُلُوا الْجَنَّةَ لَا خَوْفٌ عَلَيْكُمْ وَلَاۤ اَنْتُمْ تَحْزَنُوْنَ ﴿۴۹﴾ وَنَادٰۤى
اَصْحٰبُ النَّارِ اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ اَنْ اَفِيْضُوْا عَلَيْنَا مِنَ الْمَآءِ اَوْ مِمَّا
رَزَقَكُمُ اللّٰهُ ؕ قَالُوْۤا اِنَّ اللّٰهَ حَرَّمَهُمَا عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿۵۰﴾ ۙ الَّذِيْنَ
اتَّخَذُوْا دِيْنَهُمْ لَهْوًا وَّلَعِبًا وَّغَرَّتْهُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۚ فَالْيَوْمَ
نَنْسٰىهُمْ كَمَا نَسُوْا لِقَآءَ يَوْمِهِمْ هٰذَا ۙ وَمَا كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يَجْحَدُوْنَ ﴿۵۱﴾

۽ بهشتي دوزخين کي سڏيندا ۽ (چوندا) ته اسان جي پالڻهار اسان سان جيڪو انجام ڪيو سو بيشڪ سچو لڌوسون پوءِ اوهان جي پالڻهار اوهان سان جيڪو انجام ڪيو هو سو سچو نه لڌوَ ڇا؟ چوندا ته هائو! پوءِ سڏيندڙ سندن وچ ۾ سڏيندو ته اُنهن ظالمن تي الله جي لعنت آهي (۴۴). جيڪي الله جي واٽ کان (ماڻهن کي) جهليندا رهيا ۽ اُن (واٽ) جي ڏنگائي گهرندا رهيا، ۽ اُهي آخرت کي نه مڃيندڙ هئا (۴۵). ۽ سندن وچ ۾ پردو ڪيو ويندو، ۽ اَعراف ۾ اهڙا ماڻهو هوندا جو سڀ ڪنهن کي سندن پيشانين مان سڃاڻندا. ۽ بهشتين کي سڏي السلام عليڪم چوندا، (اجا) اُن ۾ (پاڻ) نه گهڙيا هوندا ۽ اُهي اُميدوار هوندا (۴٦). ۽ جڏهن سندن اکيون دوزخين ڏانهن ڦيرايون ونديون (تڏهن) چوندا ته اي اسان جا پالڻهار اسان کي ظالم ٽوليءَ سان گڏ نه ڪر (۴۷). ۽ اعراف وارا جن ماڻهن کي سندن پيشانين مان سڃاڻندا تن کي سڏيندا چوندا ته اوهان جيڪي گڏ ڪيو هو سو ۽ جيڪا وڏائي ڪندا هيؤ تنهن اوهان کان ڪجھ به نه ٽاريو (۴۸). هي اُهي (ماڻهو نه) آهن ڇا جن لاءِ اوهين (دنيا ۾) قسم کڻندا هيؤ ته الله مٿن ٻاجھ نه ڪندو (يعني بهشت ۾ نه گهيڙيندن)؟ (اُنهن کي حڪم ٿيو آهي ته) بهشت ۾ گهڙو اوهان کي ڪو ڀؤ نه آهي ۽ نڪي اوهين غمگين رهندؤ (۴۹). ۽ دوزخي بهشتين کي سڏيندا (چوندا) ته ڪجھ پاڻي اسان تي پلٽيو يا الله اوهان کي جيڪي رزق ڏنو آهي تنهن مان (ڪجھ ڏيو)- چوندا ته الله اُهي ٻئي اُنهن ڪافرن تي حرام ڪيا آهن (۵۰). جن پنهنجي دين کي تماشو ۽ راند ڪري ورتو ۽ انهن کي دنيا جي حياتيءَ ٺڳيو، پوءِ اُنهن کي اڄ ائين وساريوسون جيئن (اُنهن) پنهنجي هِن ڏينهن جي ملڻ کي وساريو هو ۽ (جيئن) اسان جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا (۵۱).

وَلَقَدْ جِئْنٰهُمْ بِكِتٰبٍ فَصَّلْنٰهُ عَلٰى عِلْمٍ هُدًى وَّرَحْمَةً
لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٥٢﴾ هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا تَاْوِيْلَهٗ ؕ يَوْمَ يَاْتِىْ
تَاْوِيْلُهٗ يَقُوْلُ الَّذِيْنَ نَسُوْهُ مِنْ قَبْلُ قَدْ جَآءَتْ رُسُلُ
رَبِّنَا بِالْحَقِّ ۚ فَهَلْ لَّنَا مِنْ شُفَعَآءَ فَيَشْفَعُوْا لَنَآ اَوْ نُرَدُّ فَنَعْمَلَ
غَيْرَ الَّذِىْ كُنَّا نَعْمَلُ ؕ قَدْ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا
كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿٥٣﴾ ع اِنَّ رَبَّكُمُ اللّٰهُ الَّذِىْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ
الْاَرْضَ فِىْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ قف يُغْشِى الَّيْلَ
النَّهَارَ يَطْلُبُهٗ حَثِيْثًا ۙ وَّالشَّمْسَ وَالْقَمَرَ وَالنُّجُوْمَ مُسَخَّرٰتٍۢ
بِاَمْرِهٖ ؕ اَلَا لَهُ الْخَلْقُ وَالْاَمْرُ ؕ تَبٰرَكَ اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٥٤﴾ اُدْعُوْا
رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا وَّخُفْيَةً ؕ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿٥٥﴾ ج وَلَا تُفْسِدُوْا
فِى الْاَرْضِ بَعْدَ اِصْلَاحِهَا وَادْعُوْهُ خَوْفًا وَّطَمَعًا ؕ اِنَّ رَحْمَتَ
اللّٰهِ قَرِيْبٌ مِّنَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٥٦﴾ وَهُوَ الَّذِىْ يُرْسِلُ الرِّيٰحَ
بُشْرًاۢ بَيْنَ يَدَىْ رَحْمَتِهٖ ؕ حَتّٰىٓ اِذَآ اَقَلَّتْ سَحَابًا ثِقَالًا
سُقْنٰهُ لِبَلَدٍ مَّيِّتٍ فَاَنْزَلْنَا بِهِ الْمَآءَ فَاَخْرَجْنَا بِهٖ مِنْ
كُلِّ الثَّمَرٰتِ ؕ كَذٰلِكَ نُخْرِجُ الْمَوْتٰى لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿٥٧﴾

۽ بيشڪ اُنهن کي هڪ ڪتاب ڏنوسون جنهن کي ڄاڻ سان کولي بيان ڪيوسون ۽ اُنهيءَ قوم لاءِ هدايت ۽ ٻاجه آهي جي مڃيندا آهن (٥٢). (ڪافر) هن کان سواءِ انتظار نہ ڪندا آهن تہ اُن (جي وعدي) جي مراد اچي۔ جنهن ڏينهن سندن مراد ايندي (تنهن ڏينهن) جن اُن کي اڳي وساريو هو سي چوندا تہ بيشڪ اسان جي پالڻهار جا پيغمبر سچ سان آيا، پوءِ (اڄ) اسان لاءِ ڪي سفارش ڪرڻ وارا( ڪين) آهن؟ جو اسان لاءِ پارت ڪن يا وري موٽايا وڃون تہ جيڪي (عمل) ڪياسون تن کان سواءِ ٻيا (چڱا) عمل ڪريون۔ بيشڪ پاڻ کي نقصان لاتائون ۽ جيڪو ٺاهه ٺاهيندا هئا سو کانئن ڀلجي ويو (٥٣). اوهان جو پالڻهار اُهو الله آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ بڻايو وري عرش تي متوجه ٿيو، رات سان ڏينهن کي ڍڪيندو آهي (وري ڏينهن) اُن (جي ڪڍ) جلد ايندو آهي ۽ سج ۽ چنڊ ۽ تارا سندس حڪم سان نوايل آهن۔ خبردار پيدا ڪرڻ ۽ حڪم ڪرڻ اُن جو (ڪم) آهي جهانن جو پالڻهار الله وڏي برڪت وارو آهي (٥٤). پنهنجي پالڻهار کي زاري ڪندڙ ۽ ڳجهيءَ طرح سڏيو ڇو تہ اُهو حد کان لنگهندڙن کي دوست نہ رکندو آهي (٥٥). ۽ اوهين ملڪ ۾ اُن جي سڌاري کان پوءِ فساد نہ وجهو ۽ ان (الله) کي ڀوائتا ۽ آسائتا ٿي سڏيو ڇو تہ الله جي ٻاجه ڀلارن کي ويجهي آهي (٥٦). ۽ اُهو (الله) آهي جو وائن کي پنهنجي رحمت (واريءَ برسات) جي اڳيان خوش خبري ڏيندڙ ڪري گهلائيندو آهي۔ تان جو جنهن مهل (اُهي) ڳرن ڪڪرن کي کڻن ٿيون تہ اُنهن کي ڪنهن غير آباد ديهه ڏانهن روانو ڪريون ٿا پوءِ اُنهن (ڪڪرن) مان پاڻي وسايون ٿا پوءِ اُن سان هر جنس جا ميوا ڄمايون ٿا۔ اهڙيءَ طرح اسين مئن کي (قبرن مان) ٻاهر ڪڍندا سون تہ مانَ اوهين نصيحت وٺو (٥٧).

وَالْبَلَدُ الطَّیِّبُ یَخْرُجُ نَبَاتُهٗ بِاِذْنِ رَبِّهٖ ۚ وَالَّذِیْ خَبُثَ
لَا یَخْرُجُ اِلَّا نَكِدًا ؕ كَذٰلِكَ نُصَرِّفُ الْاٰیٰتِ لِقَوْمٍ یَّشْكُرُوْنَ ﴿٥٨﴾ ع
لَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰی قَوْمِهٖ فَقَالَ یٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا
لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَیْرُهٗ ؕ اِنِّیْۤ اَخَافُ عَلَیْكُمْ عَذَابَ یَوْمٍ عَظِیْمٍ ﴿٥٩﴾
قَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِهٖۤ اِنَّا لَنَرٰىكَ فِیْ ضَلٰلٍ مُّبِیْنٍ ﴿٦٠﴾ قَالَ
یٰقَوْمِ لَیْسَ بِیْ ضَلٰلَةٌ وَّلٰكِنِّیْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِیْنَ ﴿٦١﴾
اُبَلِّغُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّیْ وَاَنْصَحُ لَكُمْ وَاَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٦٢﴾
اَوَعَجِبْتُمْ اَنْ جَآءَكُمْ ذِكْرٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَلٰی رَجُلٍ مِّنْكُمْ
لِیُنْذِرَكُمْ وَلِتَتَّقُوْا وَلَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿٦٣﴾ فَكَذَّبُوْهُ فَاَنْجَیْنٰهُ
وَالَّذِیْنَ مَعَهٗ فِی الْفُلْكِ وَاَغْرَقْنَا الَّذِیْنَ كَذَّبُوْا بِاٰیٰتِنَا ؕ
اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا عَمِیْنَ ﴿٦٤﴾ ع وَاِلٰی عَادٍ اَخَاهُمْ هُوْدًا ؕ قَالَ
یٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَیْرُهٗ ؕ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿٦٥﴾
قَالَ الْمَلَاُ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖۤ اِنَّا لَنَرٰىكَ فِیْ
سَفَاهَةٍ وَّاِنَّا لَنَظُنُّكَ مِنَ الْكٰذِبِیْنَ ﴿٦٦﴾ قَالَ یٰقَوْمِ
لَیْسَ بِیْ سَفَاهَةٌ وَّلٰكِنِّیْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِیْنَ ﴿٦٧﴾

۽ (جا) سٺي زمين (آهي تنهن) جا سلا سندس پالڻهار جي حڪم سان ڄمندا آهن- ۽ جيڪا اوڇي آهي (تنهن جا سلا) خراب سلن کان سواءِ ٻيا نہ ڄمندا آهن- اهڙيءَ طرح جيڪا قوم شڪرانو ڪندڙ آهي تنهن لاءِ نشانيون طرحين طرحين بيان ڪندا آهيون (٥٨). بيشڪ نوح کي سندس قوم ڏانهن پيغمبر ڪري موڪليوسون. پوءِ چيائين تہ اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو اُن (الله) کان سواءِ ڪو اوهان جو خدا نہ آهي- آءٌ اوهان تي وڏي ڏينهن جي عذاب (اچڻ) کان ڊڄان ٿو (٥٩). سندس قوم جي سردارن چيو تہ اسين توکي پڌري گمراهيءَ ۾ (پيل) ڏسون ٿا (٦٠). چيائين تہ اي منهنجي قوم! مون کي ڪا گمراهي ڪانهي پر آءٌ جهانن جي پالڻهار جو پيغمبر آهيان (٦١). اوهان کي پنهنجي پالڻهار جو پيغام پهچائيندو آهيان ۽ اوهان کي نصيحت ڪندو آهيان ۽ الله (جي پار) کان اُهو ڄاڻندو آهيان جيڪي اوهين نہ ڄاڻندا آهيو (٦٢). اوهان کي (هن ڳالهہ جو) عجب لڳو ڇا تہ اوهان جي پالڻهار کان هڪ سمجهاڻي اوهان مان هڪ مڙس جي هٿان اوهان وٽ هن لاءِ آئي تہ اوهان کي ڊيڄاري ۽ تہ اوهين پرهيزگار ٿيو ۽ تہ اوهان تي ٻاجھ ڪئي وڃي؟(٦٣). پوءِ کيس ڪوڙو ڀانيائون پوءِ اُن کي ۽ جيڪي ساڻس ٻيڙيءَ ۾ هئا تن کي بچايو سون ۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڄاتو تن کي ٻوڙيوسون- ڇو تہ اُها انڌي قوم هئي (٦٤). ۽ عاد (قوم) ڏانهن سندن ڀاءُ هود (پيغمبر ڪري موڪليوسون)- چيائين تہ اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو اُن (الله) کان سواءِ ڪو ٻيو اوهان جو خدا نہ آهي- پوءِ ڇو نہ ڊڄندا آهيو؟ (٦٥). سندس قوم مان ڪافرن سردارن چيو تہ اسين بلاشڪ توکي بيوقوفيءَ ۾ ڏسندا آهيون ۽ اسين بلاشڪ توکي ڪوڙن مان ڀانئيندا آهيون (٦٦). چيائين تہ اي منهنجي قوم! مون کي ڪا بہ بيوقوفي ڪانهي پر آءٌ جهانن جي پالڻهار جو موڪليل آهيان (٦٧).

أُبَلِّغُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَاَنَا لَكُمْ نَاصِحٌ اَمِيْنٌ ﴿٦٨﴾ اَوَعَجِبْتُمْ
اَنْ جَآءَكُمْ ذِكْرٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَلٰى رَجُلٍ مِّنْكُمْ لِيُنْذِرَكُمْ ؕ
وَاذْكُرُوْٓا اِذْ جَعَلَكُمْ خُلَفَآءَ مِنْۢ بَعْدِ قَوْمِ نُوْحٍ وَّزَادَكُمْ
فِي الْخَلْقِ بَصْۜطَةً ۚ فَاذْكُرُوْٓا اٰلَآءَ اللّٰهِ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿٦٩﴾
قَالُوْٓا اَجِئْتَنَا لِنَعْبُدَ اللّٰهَ وَحْدَهٗ وَنَذَرَ مَا كَانَ يَعْبُدُ
اٰبَآؤُنَا ۚ فَاْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٧٠﴾
قَالَ قَدْ وَقَعَ عَلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ رِجْسٌ وَّغَضَبٌ ؕ
اَتُجَادِلُوْنَنِيْ فِيْٓ اَسْمَآءٍ سَمَّيْتُمُوْهَآ اَنْتُمْ وَاٰبَآؤُكُمْ مَّا
نَزَّلَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ؕ فَانْتَظِرُوْٓا اِنِّيْ مَعَكُمْ مِّنَ
الْمُنْتَظِرِيْنَ ﴿٧١﴾ فَاَنْجَيْنٰهُ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَ
قَطَعْنَا دَابِرَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَمَا كَانُوْا مُؤْمِنِيْنَ ﴿٧٢﴾ ع
وَاِلٰى ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ صٰلِحًا ۘ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا
لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ قَدْ جَآءَتْكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ ؕ
هٰذِهٖ نَاقَةُ اللّٰهِ لَكُمْ اٰيَةً فَذَرُوْهَا تَاْكُلْ فِيْٓ
اَرْضِ اللّٰهِ وَلَا تَمَسُّوْهَا بِسُوْٓءٍ فَيَاْخُذَكُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٧٣﴾

اوهان کي پنهنجي پالڻھار جو پيغام پھچايان ٿو ۽ آءٌ اوهان لاءِ امين نصيحت ڪندڙ آهيان (٦٨). (هن ڳالھ جو) عجب لڳو ڇا جو اوهان جي پالڻھار کان اوهان مان هڪ مڙس جي هٿان سمجهاڻي هن لاءِ اوهان وٽ آئي تہ اوهان کي ڊيڄاري؟ ۽ (اوهين اهو وقت بہ) ياد ڪريو جڏهن اوهان کي نوح جي قوم کان پوءِ (سندن) پيڙهيءَ تي وارثيائين ۽ اوهان کي جسماني طاقت ۾ وڌايائين، تنهن ڪري الله جون نعمتون ياد ڪريو تہ مانَ اوهين ڇٽو (٦٩). چيائون تہ (تون) هن لاءِ اسان وٽ آيو آهين ڇا تہ رڳو هڪ الله جي عبادت ڪريون ۽ اسان جا ابا ڏاڏا جن کي پوڄيندا هئا سي ڇڏي ڏيون؟ جيڪڏهن تون سچو آهين تہ جنهن (عذاب) کان اسان کي ڊيڄارين ٿو سو آڻ (٧٠). چيائين تہ بيشڪ اوهان تي اوهان جي پالڻھار وٽان عذاب ۽ ڏمر لازم ٿي چڪو آهي- اوهين مون ساڻ رڳو (اُنهن) نالن ۾ ڇو جهيڙو ڪندا آهيو جن تي اوهان ۽ اوهان جي ابن ڏاڏن ڇڙو نالو رکيو آهي جن (جي مڃڻ) بابت الله ڪو دليل نہ لاٿو آهي؟ پوءِ انتظار ڪريو بيشڪ آءٌ (بہ) اوهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيان (٧١). پوءِ اُن کي ۽ جيڪي ساڻس هئا تن کي پنهنجي ٻاجھ سان بچايوسون ۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڄاتو تن جي پاڙ پٽي ڇڏي سون، ۽ اُهي مؤمن نہ هئا (٧٢). ۽ ثمودين ڏانهن سندن ڀاءُ صالح کي (پيغمبر ڪري موڪليو سون)- چيائين تہ اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو اوهان جو الله کان سواءِ ٻيو ڪو خدا نہ آهي، بيشڪ اوهان وٽ اوهان جي پالڻھار کان هڪ معجزو آيو آهي، هيءَ الله جي ڏاچي اوهان لاءِ نشاني آهي تنهن ڪري اُنهيءَ کي ڇڏي ڏيو تہ الله جي زمين ۾ چرندي رهي ۽ اُن کي ڪو ايذاءُ نہ پهچائجو نہ تہ اوهان کي ڏکوئيندڙ عذاب وٺندو (٧٣).

وَاذْكُرُوْٓا اِذْ جَعَلَكُمْ خُلَفَآءَ مِنْۢ بَعْدِ عَادٍ وَّبَوَّاَكُمْ
فِی الْاَرْضِ تَتَّخِذُوْنَ مِنْ سُهُوْلِهَا قُصُوْرًا وَّتَنْحِتُوْنَ
الْجِبَالَ بُيُوْتًا ۚ فَاذْكُرُوْٓا اٰلَآءَ اللّٰهِ وَلَا تَعْثَوْا فِی الْاَرْضِ
مُفْسِدِيْنَ ﴿۷۴﴾ قَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ
لِلَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا لِمَنْ اٰمَنَ مِنْهُمْ اَتَعْلَمُوْنَ اَنَّ صٰلِحًا
مُّرْسَلٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ قَالُوْٓا اِنَّا بِمَآ اُرْسِلَ بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ ﴿۷۵﴾
قَالَ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْٓا اِنَّا بِالَّذِیْٓ اٰمَنْتُمْ بِهٖ
كٰفِرُوْنَ ﴿۷۶﴾ فَعَقَرُوا النَّاقَةَ وَعَتَوْا عَنْ اَمْرِ رَبِّهِمْ وَ
قَالُوْا يٰصٰلِحُ ائْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ
الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۷۷﴾ فَاَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَاَصْبَحُوْا فِیْ دَارِهِمْ
جٰثِمِيْنَ ﴿۷۸﴾ فَتَوَلّٰى عَنْهُمْ وَقَالَ يٰقَوْمِ لَقَدْ اَبْلَغْتُكُمْ
رِسَالَةَ رَبِّیْ وَنَصَحْتُ لَكُمْ وَلٰكِنْ لَّا تُحِبُّوْنَ النّٰصِحِيْنَ ﴿۷۹﴾
وَلُوْطًا اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖٓ اَتَاْتُوْنَ الْفَاحِشَةَ مَا سَبَقَكُمْ
بِهَا مِنْ اَحَدٍ مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۸۰﴾ اِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الرِّجَالَ
شَهْوَةً مِّنْ دُوْنِ النِّسَآءِ ؕ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ مُّسْرِفُوْنَ ﴿۸۱﴾

۽ جڏهن اوهان کي عادين کان پوءِ پيڙهيءَ تي وهاريائين (سو احسان ٻه) ياد
ڪريو ۽ اوهان کي ملڪ ۾ جاءِ ڏنائين ۽ اُن جي پَٽن مان ماڙيون ٺاهيندا
آهيو ۽ ٽڪرن کي ٽُڪي گهر ٺاهيندا آهيو. تنهن ڪري الله جون نعمتون
ياد ڪريو ۽ (اوهين) ملڪ ۾ فسادي ٿي بگيڙ نه وجهو (٧٤). سندس قوم
مان وڏائي ڪندڙن سردارن اُنهن کي چيو جن منجهانئن هيٺن (ماڻهن)
ايمان آندو هو ته اوهين ڄاڻندا آهيو ڇا ته صالح پنهنجي پالڻهار (جي طرف)
کان موڪليل آهي؟ اُنهن چيو ته جنهن (شريعت) سان اُن کي موڪليو ويو
آهي تنهن تي اسين ايمان آڻيندڙ آهيون (٧٥). وڏائي ڪندڙن چيو ته جنهن
تي اوهان ايمان آندو آهي تنهن جا اسين منڪر آهيون (٧٦). پوءِ ڏاچيءَ کي
منبو ڪيائون ۽ پنهنجي پالڻهار جي حڪم کان بي فرمان ٿيا ۽ (چٽر
ڪري) چيائون ته اي صالح! جيڪڏهن پيغمبرن مان آهين ته جنهن
(عذاب) جو اسان سان انجام ڪيو اٿيئي سو اسان تي آڻ (٧٧). پوءِ
زلزلي (جي عذاب) ورتن پوءِ پنهنجن گهرن ۾ ڪُرندڙا ٿي (مري)
ويا (٧٨). پوءِ (صالح) کانئن منهن موڙيو ۽ چيائين ته اي منهنجي قوم!
بيشڪ اوهان کي پنهنجي پالڻهار جو پيغام پهچايم ۽ اوهان کي نصيحت
ڪيم پر اوهين نصيحت ڪندڙن کي دوست نه رکندا آهيو (٧٩). ۽ لوط
کي (پيغمبر ڪري موڪليوسون) جڏهن پنهنجيءَ قوم کي چيائين ته اوهين
اهڙي بي حيائي ڇو ڪندا آهيو جا اوهان کان اڳ ساري جهان (جي
ماڻهن) مان ڪنهن هڪ به نه ڪئي آهي؟ (٨٠). جو اوهين عورتن کي
ڇڏي نرن ڏانهن شهوت سان ويندا آهيو. بلڪ اوهين حد کان لنگهندڙ قوم
آهيو (٨١).

وَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهٖۤ اِلَّاۤ اَنْ قَالُوْۤا اَخْرِجُوْهُمْ
مِّنْ قَرْيَتِكُمْ ۚ اِنَّهُمْ اُنَاسٌ يَّتَطَهَّرُوْنَ ﴿٨٢﴾ فَاَنْجَيْنٰهُ
وَاَهْلَهٗۤ اِلَّا امْرَاَتَهٗ ۖ كَانَتْ مِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿٨٣﴾ وَاَمْطَرْنَا
عَلَيْهِمْ مَّطَرًا ؕ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿٨٤﴾ ع
وَاِلٰى مَدْيَنَ اَخَاهُمْ شُعَيْبًا ؕ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ
مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ قَدْ جَآءَتْكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ
رَّبِّكُمْ فَاَوْفُوا الْكَيْلَ وَالْمِيْزَانَ وَلَا تَبْخَسُوا النَّاسَ
اَشْيَآءَهُمْ وَلَا تُفْسِدُوْا فِى الْاَرْضِ بَعْدَ اِصْلَاحِهَا ؕ
ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٨٥﴾ ۚ وَلَا تَقْعُدُوْا
بِكُلِّ صِرَاطٍ تُوْعِدُوْنَ وَتَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ
مَنْ اٰمَنَ بِهٖ وَتَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ۚ وَاذْكُرُوْۤا اِذْ كُنْتُمْ
قَلِيْلًا فَكَثَّرَكُمْ ۖ وَانْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ
الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٨٦﴾ وَاِنْ كَانَ طَآئِفَةٌ مِّنْكُمْ اٰمَنُوْا
بِالَّذِيْۤ اُرْسِلْتُ بِهٖ وَطَآئِفَةٌ لَّمْ يُؤْمِنُوْا فَاصْبِرُوْا
حَتّٰى يَحْكُمَ اللّٰهُ بَيْنَنَا ۚ وَهُوَ خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿٨٧﴾

۽ سندس قوم جي ورندي هن چوڻ کان سواءِ نہ هئي تہ اُنهن کي (لوط سميت) پنهنجن ڳوٺن مان لوڏي ڇڏيو۔ ڇو تہ اِهي ماڻهو پاڪ ٻٽبا آهن (٨٢). پوءِ اسان لوط کي ۽ سندس گهر وارن کي۔ سندس زال کان سواءِ۔ بچايو سون (اُها) رهيلن مان هئي (٨٣). ۽ مٿن (پٿرن جو) مينهن وسايو سون۔ پوءِ (اي پيغمبر) ڏس تہ ڏوهارين جي پڇاڙي ڪهڙي (خراب) تي (٨۴). ۽ مدين (وارن) ڏانهن سندن ڀاءُ شعيب کي (پيغمبر ڪري موڪليوسون)۔ چيائين تہ اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو اوهان جو الله کان سواءِ ٻيو ڪو خدا ڪونهي۔ بيشڪ اوهان وٽ اوهان جي پالڻهار کان (چٽيون) نشانيون آيون آهن تنهن ڪري ماڻ ۽ تور پوري ڏيو وتو ۽ ماڻهن کي سندن شيون گهٽ نہ ڏيو ۽ ملڪ ۾ اُن جي سڌاري کان پوءِ فساد نہ وجهو۔ جيڪڏهن اوهين مؤمن آهيو تہ اِهو اوهان لاءِ ڀلو آهي (٨٥). ۽ سڀ ڪنهن رستي تي هن لاءِ نہ ويهو تہ جيڪو الله کي مڃي تنهن کي ڌمڪايو ۽ الله جي واٽ کان جهليو ۽ اُن (واٽ) جي ڏنگائي گهرو، ۽ ياد ڪريو جڏهن اوهين ٿوڙا هيو تڏهن اوهان کي وڌايائين ۽ ڏسو تہ فساد وجهندڙن جي پڇاڙي ڪهڙي (بڇڙي) ٿي (٨٦). ۽ جيڪڏهن اوهان مان هڪ ٽوليءَ اُنهيءَ کي مڃيو آهي جنهن سان موڪليو ويو آهيان ۽ ٻي ٽوليءَ نہ مڃيو آهي تہ (اوهان کي جڳائي تہ ايستائين) صبر ڪريو جيسين اسان جي وچ ۾ الله حڪم ڪري، ۽ اُهو چڱو حڪم ڪندڙ آهي (٨٧).

قَالَ الْمَلَاُ الَّذِیْنَ اسْتَكْبَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ لَنُخْرِجَنَّكَ
یٰشُعَیْبُ وَ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا مَعَكَ مِنْ قَرْیَتِنَاۤ اَوْ لَتَعُوْدُنَّ فِیْ مِلَّتِنَا ؕ
قَالَ اَوَ لَوْ كُنَّا كٰرِهِیْنَ ﴿۸۸﴾ۚ قَدِ افْتَرَیْنَا عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اِنْ عُدْنَا
فِیْ مِلَّتِكُمْ بَعْدَ اِذْ نَجّٰىنَا اللّٰهُ مِنْهَا ؕ وَ مَا یَكُوْنُ لَنَاۤ اَنْ نَّعُوْدَ فِیْهَاۤ
اِلَّاۤ اَنْ یَّشَآءَ اللّٰهُ رَبُّنَا ؕ وَسِعَ رَبُّنَا كُلَّ شَیْءٍ عِلْمًا ؕ عَلَى اللّٰهِ
تَوَكَّلْنَا ؕ رَبَّنَا افْتَحْ بَیْنَنَا وَ بَیْنَ قَوْمِنَا بِالْحَقِّ وَ اَنْتَ خَیْرُ
الْفٰتِحِیْنَ ﴿۸۹﴾ وَ قَالَ الْمَلَاُ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ لَىِٕنِ اتَّبَعْتُمْ
شُعَیْبًا اِنَّكُمْ اِذًا لَّخٰسِرُوْنَ ﴿۹۰﴾ فَاَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَاَصْبَحُوْا
فِیْ دَارِهِمْ جٰثِمِیْنَ ﴿۹۱﴾ۚۛ اَلَّذِیْنَ كَذَّبُوْا شُعَیْبًا كَاَنْ لَّمْ یَغْنَوْا
فِیْهَا ۛۚ اَلَّذِیْنَ كَذَّبُوْا شُعَیْبًا كَانُوْا هُمُ الْخٰسِرِیْنَ ﴿۹۲﴾ فَتَوَلّٰى
عَنْهُمْ وَ قَالَ یٰقَوْمِ لَقَدْ اَبْلَغْتُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّیْ وَ نَصَحْتُ لَكُمْ ۚ
فَكَیْفَ اٰسٰى عَلٰى قَوْمٍ كٰفِرِیْنَ ﴿۹۳﴾ۧ وَ مَاۤ اَرْسَلْنَا فِیْ قَرْیَةٍ مِّنْ نَّبِیٍّ
اِلَّاۤ اَخَذْنَاۤ اَهْلَهَا بِالْبَاْسَآءِ وَ الضَّرَّآءِ لَعَلَّهُمْ یَضَّرَّعُوْنَ ﴿۹۴﴾
ثُمَّ بَدَّلْنَا مَكَانَ السَّیِّئَةِ الْحَسَنَةَ حَتّٰى عَفَوْا وَّ قَالُوْا قَدْ مَسَّ
اٰبَآءَنَا الضَّرَّآءُ وَ السَّرَّآءُ فَاَخَذْنٰهُمْ بَغْتَةً وَّ هُمْ لَا یَشْعُرُوْنَ ﴿۹۵﴾

سندس قوم مان هٺيلن سردارن (چٽر ڪري) چيو ته اي شعيب توکي ۽ جن توکي مڃيو آهي تن کي پنهنجي شهر مان ضرور لوڏينداسون يا ته اوهين اسان جي ريت ۾ موٽي اچو (شعيب) چيو ته جيتوڻيڪ اسين اوهان جي دين کي برو ڀانئيندڙ آهيون (ته به موٽنداسون ڇا)؟ (٨٨). جيڪڏهن اسين اوهان جي ريت ۾ اُنهيءَ کان پوءِ جو الله اسان کي ڪانئس ڇڏايو، موٽي اچون ته بيشڪ الله تي ڪوڙ مڙهيوسون- ۽ اسان جي پالڻهار الله جي گهر کان سواءِ اسان کي منجهس موٽڻ نه جڳائيندو آهي اسان جي پالڻهار جي علم سڀني شين کي سمايو آهي اسين الله تي ڀروسو ڪريون ٿا- اي اسان جا پالڻهار! اسان جي ۽ اسان جي قوم جي وچ ۾ انصاف سان فيصلو ڪر ۽ تون چڱو فيصلو ڪندڙ آهين (٨٩). ۽ سندس قوم مان ڪافرن جي ٽولي (پنهنجن يارن کي) چيو ته جيڪڏهن اوهين شعيب جي تابعداري ڪندؤ ته اوهين اتي جو اُتي نقصان وارا ٿيندؤ (٩٠). پوءِ اُنهن کي زلزلي (جي عذاب) ورتو پوءِ پنهنجي جاين ۾ گوڏن ڀر ڪري (مري) ويا (٩١). جن شعيب کي ڪوڙو ڀانيو سي ڄڻڪ اُنهن (ڳوٺن) ۾ رهيا ئي نه هئا. جن شعيب کي ڪوڙو ڀانيو سي نقصان وارا هئا (٩٢). پوءِ کانئن منهن موڙيائين ۽ چيائين ته اي منهنجي قوم! بيشڪ اوهان کي پنهنجي پالڻهار جا پيغام پهچايا اٿم ۽ اوهان جي خير خواهي ڪيم تنهن ڪري (هاڻي) ڪافر قوم تي ڇا لاءِ ڏک ڪريان؟ (٩٣). ۽ ڪنهن ڳوٺ ۾ پيغمبرن مان ڪو به نه موڪليو سون پر اُتي جي رهاڪن کي (پيغمبرن جي نافرمانيءَ سبب) سختي ۽ مصيبت ۾ پڪڙيندا رهيا سون ته مانَ اُهي عاجزي ڪن (٩٤). وري (ايستائين) ڏک جي بجاءِ سک مٽائي ڏنو سون جيستائين آسودا ٿيا ۽ چيائون ته بيشڪ اسان جي اَبن ڏاڏن کي (ائين) ڏک سک پهتو هو پوءِ اوچتو ئي اُنهن کي سندن بي خبريءَ جي حالت ۾ پڪڙيوسون (٩٥).

وَلَوْ اَنَّ اَهْلَ الْقُرٰۤى اٰمَنُوْا وَاتَّقَوْا لَفَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَرَكٰتٍ
مِّنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ وَلٰكِنْ كَذَّبُوْا فَاَخَذْنٰهُمْ بِمَا
كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٩٦﴾ اَفَاَمِنَ اَهْلُ الْقُرٰۤى اَنْ يَّاْتِيَهُمْ
بَاْسُنَا بَيَاتًا وَّهُمْ نَآىِٕمُوْنَ ؕ﴿٩٧﴾ اَوَاَمِنَ اَهْلُ الْقُرٰۤى اَنْ
يَّاْتِيَهُمْ بَاْسُنَا ضُحًى وَّهُمْ يَلْعَبُوْنَ ﴿٩٨﴾ اَفَاَمِنُوْا مَكْرَ اللّٰهِ ۚ
فَلَا يَاْمَنُ مَكْرَ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ الْخٰسِرُوْنَ ع﴿٩٩﴾ اَوَلَمْ يَهْدِ
لِلَّذِيْنَ يَرِثُوْنَ الْاَرْضَ مِنْۢ بَعْدِ اَهْلِهَاۤ اَنْ لَّوْ نَشَآءُ
اَصَبْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ ۚ وَنَطْبَعُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ ﴿١٠٠﴾
تِلْكَ الْقُرٰى نَقُصُّ عَلَيْكَ مِنْ اَنْۢبَآىِٕهَا ۚ وَلَقَدْ جَآءَتْهُمْ
رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ ۚ فَمَا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا بِمَا كَذَّبُوْا مِنْ قَبْلُ ؕ
كَذٰلِكَ يَطْبَعُ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٠١﴾ وَمَا وَجَدْنَا
لِاَكْثَرِهِمْ مِّنْ عَهْدٍ ۚ وَاِنْ وَّجَدْنَاۤ اَكْثَرَهُمْ لَفٰسِقِيْنَ ﴿١٠٢﴾
ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ مُّوْسٰى بِاٰيٰتِنَاۤ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ
فَظَلَمُوْا بِهَا ۚ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿١٠٣﴾ وَ
قَالَ مُوْسٰى يٰفِرْعَوْنُ اِنِّىْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ﴿١٠٤﴾

۽ جيڪڏهن اُنهن ڳوٺن وارا ايمان آڻين ها ۽ پرهيزگار بڻجن ها ته مٿن آسمانن ۽ زمين کان برڪتون ضرور کوليون ها پر ڪوڙ ڀانيائون تنهن ڪري اُنهن جيڪي ڪيو تنهن سببان کين پڪڙيوسون (٩٦). ڳوٺن وارا جنهن حال ۾ سمهيل هجن تنهن مهل راتو واه پاڻ تي اسان جي عذاب پهچڻ کان ڇو بي ڀوا ٿيا آهن؟ (٩٧). يا ڳوٺن وارا هن کان ڇو بي ڀوا ٿيا آهن جو اسان جو عذاب ڏينهن چڙهي مهل وٽن اچي ۽ اُهي راند ڪندا هجن؟ (٩٨). الله جي رٿ کان ڇو بي ڀوا ٿيا آهن؟ جو ٽوٽي وارن قوم کان سواءِ (ٻيو) ڪو الله جي رٿ کان بي ڀئو نه ٿيندو آهي (٩٩). جيڪي، ملڪ جي رهندڙن کان پوءِ، وارث ٿين ٿا تن کي پڌرو نه ٿيو آهي ڇا؟ ته جيڪڏهن گهرون ها ته کين سندن گناهن سببان سزا ڏيون ها، ۽ سندين دلين تي مُهر هڻون ها ته اُهي نه ٻڌن ها (١٠٠). (اي پيغمبر!) اِهي ڳوٺ آهن جن جون خبرون توتي بيان ڪريون ٿا، ۽ بيشڪ وٽن سندن پيغمبر چٽن معجزن سان آيا، پوءِ اُنهيءَ سببان جو اڳي ڪوڙ ڀانيائون اُهي ڪتي مڃيندا هئا. اهڙيءَ طرح الله ڪافرن جي دلين تي مُهر هڻندو آهي (١٠١). ۽ منجهائن گهڻن کي انجام (تي پورو) نه ڏٺو سون، ۽ منجهائن گهڻن کي بي دين ڏٺو سون (١٠٢). وري کانئن پوءِ موسيٰ کي فرعون ۽ سندس قوم ڏانهن پنهنجن معجزن سان پيغمبر ڪري موڪليوسون پوءِ انهن کي نه مڃيائون. (اي پيغمبر!) ڏس ته فساد ڪندڙن جي پڇاڙي ڪهڙيءَ طرح ٿي (١٠٣). ۽ موسيٰ (فرعون کي) چيو ته اي فرعون آءٌ جهانن جي پالڻهار جو پيغمبر آهيان (١٠۴).

حَقِيقٌ عَلٰٓى اَنْ لَّآ اَقُوْلَ عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الْحَقَّ ؕ قَدْ جِئْتُكُمْ بِبَيِّنَةٍ
مِّنْ رَّبِّكُمْ فَاَرْسِلْ مَعِىَ بَنِىْٓ اِسْرَآءِيْلَ ۝١٠٥ قَالَ اِنْ كُنْتَ جِئْتَ
بِاٰيَةٍ فَاْتِ بِهَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ۝١٠٦ فَاَلْقٰى عَصَاهُ
فَاِذَا هِىَ ثُعْبَانٌ مُّبِيْنٌ ۝١٠٧ ۚ ۖ وَّنَزَعَ يَدَهٗ فَاِذَا هِىَ بَيْضَآءُ
لِلنّٰظِرِيْنَ ۝١٠٨ ع قَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِ فِرْعَوْنَ اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ
عَلِيْمٌ ۝١٠٩ لا يُّرِيْدُ اَنْ يُّخْرِجَكُمْ مِّنْ اَرْضِكُمْ ۚ فَمَاذَا تَاْمُرُوْنَ ۝١١٠
قَالُوْٓا اَرْجِهْ وَاَخَاهُ وَاَرْسِلْ فِى الْمَدَآئِنِ حٰشِرِيْنَ ۝١١١ لا يَاْتُوْكَ
بِكُلِّ سٰحِرٍ عَلِيْمٍ ۝١١٢ وَجَآءَ السَّحَرَةُ فِرْعَوْنَ قَالُوْٓا اِنَّ لَنَا لَاَجْرًا
اِنْ كُنَّا نَحْنُ الْغٰلِبِيْنَ ۝١١٣ قَالَ نَعَمْ وَاِنَّكُمْ لَمِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ ۝١١٤
قَالُوْا يٰمُوْسٰٓى اِمَّآ اَنْ تُلْقِىَ وَاِمَّآ اَنْ نَّكُوْنَ نَحْنُ الْمُلْقِيْنَ ۝١١٥
قَالَ اَلْقُوْا ۚ فَلَمَّآ اَلْقَوْا سَحَرُوْٓا اَعْيُنَ النَّاسِ وَاسْتَرْهَبُوْهُمْ
وَجَآءُوْ بِسِحْرٍ عَظِيْمٍ ۝١١٦ وَاَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى اَنْ اَلْقِ عَصَاكَ ۚ
فَاِذَا هِىَ تَلْقَفُ مَا يَاْفِكُوْنَ ۝١١٧ ۚ فَوَقَعَ الْحَقُّ وَبَطَلَ مَا
كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۝١١٨ ۚ فَغُلِبُوْا هُنَالِكَ وَانْقَلَبُوْا صٰغِرِيْنَ ۝١١٩ ۚ وَ
اُلْقِىَ السَّحَرَةُ سٰجِدِيْنَ ۝١٢٠ لا قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝١٢١ لا

هن (ڳالھ) تي قائم آهيان ته الله تي سچ کان سواءِ ڪجھ به نه چوان۔ بيشڪ اوهان وٽ اوهان جي پالڻهار کان چِٽي معجزي سان آيو آهيان تنهن ڪري بني اسرائيلن کي مون سان (هلڻ) جي موڪل ڏي (١٠٥). (فرعون) چيو ته جيڪڏهن ڪو معجزو آندو اٿيئي ته جيڪڏهن سچن مان آهين ته اُهو آڻ (١٠٦). پوءِ پنهنجي لٺ اُڇليائين ته اُهڙي طرح اُڇلڻ سان ئي اُها پڌرو واسينگ (نانگ) ٿي پيئي (١٠٧). ۽ پنهنجو هٿ ٻاهر ڪڍيائين ته اُهو ڪڍڻ سان ئي ڏسندڙن لاءِ روشن ٿيو (١٠٨). فرعون جي قوم مان سڪر ماڻهو چوڻ لڳا ته هيءُ پڪو ڄاڻو جادوگر آهي (١٠٩). اوهان کي اوهان جي ملڪ مان ڪڍي ڇڏڻ گهري ٿو، تنهن ڪري اوهين ڇا ٿا صلاح ڏيو؟ (١١٠). (فرعون کي) چيائون ته کيس ۽ ڀاءُس کي ترساءِ ۽ ڪوٺيندڙ شهرن ڏانهن موڪل (١١١). ته تو وٽ سڀيئي ڄاڻو جادوگر آڻين (١١٢). ۽ فرعون وٽ جادوگر آيا چوڻ لڳا ته جيڪڏهن اسين غالب ٿيون ته اسان لاءِ ضرور (ڪو) انعام (هٿڻ) گهرجي (١١٣). فرعون چيو ته هائو (انعام به ڏيو) ۽ اوهين مرتبي وارن مان (به) ٿيندؤ (١١٤). چيائون ته اي موسىٰ! يا توکي (جادؤ جي شيءِ) اُڇلڻ گهرجي يا (پهرين) اَسين اُڇليندڙ ٿيون (١١٥). (موسىٰ) چيو ته (اوهين) اُڇليو، پوءِ جنهن مهل اُڇليائون (تنهن مهل) ماڻهن جون اکيون جادوءَ سان بند ڪيائون ۽ اُنهن کي ڊيڄاريائون ۽ وڏا جادو آندائون (١١٦). ۽ موسىٰ ڏانهن وحي موڪليوسون ته پنهنجي لٺ اُڇل پوءِ جيڪو جادو ڪيائون تنهن کي اُها اُنهيءَ ئي مهل ڳهندي ويئي (١١٧). پوءِ سچ پڌرو ٿيو ۽ جيڪي ڪندا رهيا سو ڪوڙو ٿيو (١١٨). پوءِ (فرعون وارا) اُن هنڌ هيٺا ٿيا ۽ خوار ٿي موٽيا (١١٩). ۽ جادوگر سجدي ۾ ڪري پيا (١٢٠). چيائون ته جهانن جي پالڻهار تي ايمان آندوسون (١٢١).

رَبِّ مُوْسٰى وَهٰرُوْنَ ﴿۱۲۲﴾ قَالَ فِرْعَوْنُ اٰمَنْتُمْ بِهٖ قَبْلَ اَنْ
اٰذَنَ لَكُمْ ۚ اِنَّ هٰذَا لَمَكْرٌ مَّكَرْتُمُوْهُ فِى الْمَدِيْنَةِ لِتُخْرِجُوْا مِنْهَآ
اَهْلَهَا ۚ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ﴿۱۲۳﴾ لَاُقَطِّعَنَّ اَيْدِيَكُمْ وَاَرْجُلَكُمْ
مِّنْ خِلَافٍ ثُمَّ لَاُصَلِّبَنَّكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿۱۲۴﴾ قَالُوْٓا اِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا
مُنْقَلِبُوْنَ ﴿۱۲۵﴾ ۚ وَمَا تَنْقِمُ مِنَّآ اِلَّآ اَنْ اٰمَنَّا بِاٰيٰتِ رَبِّنَا لَمَّا
جَآءَتْنَا ؕ رَبَّنَآ اَفْرِغْ عَلَيْنَا صَبْرًا وَّتَوَفَّنَا مُسْلِمِيْنَ ﴿۱۲۶﴾ ع وَقَالَ
الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِ فِرْعَوْنَ اَتَذَرُ مُوْسٰى وَقَوْمَهٗ لِيُفْسِدُوْا
فِى الْاَرْضِ وَيَذَرَكَ وَاٰلِهَتَكَ ؕ قَالَ سَنُقَتِّلُ اَبْنَآءَهُمْ
وَنَسْتَحْيٖ نِسَآءَهُمْ ۚ وَاِنَّا فَوْقَهُمْ قٰهِرُوْنَ ﴿۱۲۷﴾ قَالَ مُوْسٰى
لِقَوْمِهِ اسْتَعِيْنُوْا بِاللّٰهِ وَاصْبِرُوْا ۚ اِنَّ الْاَرْضَ لِلّٰهِ ۙ قف
يُوْرِثُهَا مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ؕ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۲۸﴾
قَالُوْٓا اُوْذِيْنَا مِنْ قَبْلِ اَنْ تَاْتِيَنَا وَمِنْ بَعْدِ مَا جِئْتَنَا ؕ
قَالَ عَسٰى رَبُّكُمْ اَنْ يُّهْلِكَ عَدُوَّكُمْ وَيَسْتَخْلِفَكُمْ فِى
الْاَرْضِ فَيَنْظُرَ كَيْفَ تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۲۹﴾ ع وَلَقَدْ اَخَذْنَآ اٰلَ
فِرْعَوْنَ بِالسِّنِيْنَ وَنَقْصٍ مِّنَ الثَّمَرٰتِ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ﴿۱۳۰﴾

(جو) موسيٰ ۽ هارون جو پالڻهار (آهي) (١٢٢). فرعون چيو ته اوهان منهنجي موڪل کان اڳي ئي اُن تي ايمان ڇو آندو آهي؟ هيءُ (اوهان جو) فريب آهي (جو پاڻ ۾ گڏجي) هن ڪري (هن) شهر ۾ ڪيو اٿوَ ته سندس رهاڪن کي منجهانئس ڪڍي ڇڏيو، پوءِ سگهو ئي ڄاڻندؤ (١٢٣). اوهان جا هٿ ۽ اوهان جا پير اُبتڙ سبتڙ ضرور وڍيندس وري اوهان مڙني کي ضرور سوريءَ چاڙهيندس (١٢٤). چيائون ته بيشڪ اسان پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽندڙ آهيون (١٢٥). ۽ تون رڳو هن ڪري اسان سان وير ٿو رکين ته اسان جي پالڻهار جا حڪم جڏهن اسان وٽ آيا (تڏهن) اسان مڃيا آهن- اي اسان جا پالڻهار اسان تي صبر پلٽ ۽ اسان کي مسلمان ڪري مار (١٢٦). ۽ فرعون جي قوم جي سردارن (کيس) چيو ته موسيٰ ۽ سندس قوم کي هن لاءِ ڇڏي ڏئين ٿو ڇا؟ ته ملڪ ۾ فساد وجهن ۽ توکي ۽ تنهنجي معبودن (جي عبادت) کي ڇڏي ڏين؟ چيائين ته سندن پٽ سگهوئي ڪهنداسون ۽ سندن ڌيئرون جيئريون ڇڏي ڏينداسون، ۽ اسين سندن مٿان بيشڪ زور وارا آهيون (١٢٧). موسيٰ پنهنجيءَ قوم کي (دلگير ڏسي) چيو ته الله کان مدد گهرو ۽ صبر ڪريو، ڇو ته ساري زمين الله جي آهي پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي اُن جو وارث بڻائيندو آهي ۽ (چڱي) عاقبت پرهيزگارن لاءِ آهي (١٢٨). چيائون ته اسين تنهنجي اچڻ کان اڳ (به) ۽ تنهنجي اچڻ کان پوءِ (به) ايذايا ويا آهيون- موسيٰ چيو ته اُميد آهي ته اوهان جو پالڻهار اوهان جي دشمن کي ناس ڪري ڇڏيندو ۽ مُلڪ ۾ اوهان کي پيڙهيءَ تي وهاريندو پوءِ ڏسندو ته (اوهين) ڪهڙي طرح عمل ٿا ڪريو (١٢٩). ۽ بيشڪ فرعون جي قوم کي ڏڪار ۽ ميون جي گهٽتائي ۾ گرفتار ڪيوسون ته مانَ اُهي نصيحت وٺن (١٣٠).

فَإِذَا جَآءَتْهُمُ الْحَسَنَةُ قَالُوا لَنَا هَٰذِهِۦ ۖ وَإِن تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌ
يَطَّيَّرُوا بِمُوسَىٰ وَمَن مَّعَهُۥٓ ۗ أَلَآ إِنَّمَا طَٰٓئِرُهُمْ عِندَ اللَّهِ
وَلَٰكِنَّ أَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُونَ ﴿١٣١﴾ وَقَالُوا مَهْمَا تَأْتِنَا بِهِۦ
مِنْ ءَايَةٍ لِّتَسْحَرَنَا بِهَا فَمَا نَحْنُ لَكَ بِمُؤْمِنِينَ ﴿١٣٢﴾ فَأَرْسَلْنَا
عَلَيْهِمُ الطُّوفَانَ وَالْجَرَادَ وَالْقُمَّلَ وَالضَّفَادِعَ وَالدَّمَ ءَايَٰتٍ
مُّفَصَّلَٰتٍ فَاسْتَكْبَرُوا وَكَانُوا قَوْمًا مُّجْرِمِينَ ﴿١٣٣﴾ وَلَمَّا
وَقَعَ عَلَيْهِمُ الرِّجْزُ قَالُوا يَٰمُوسَى ادْعُ لَنَا رَبَّكَ بِمَا عَهِدَ
عِندَكَ ۖ لَئِن كَشَفْتَ عَنَّا الرِّجْزَ لَنُؤْمِنَنَّ لَكَ وَلَنُرْسِلَنَّ
مَعَكَ بَنِيٓ إِسْرَٰٓءِيلَ ﴿١٣٤﴾ فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُمُ الرِّجْزَ إِلَىٰٓ
أَجَلٍ هُم بَٰلِغُوهُ إِذَا هُمْ يَنكُثُونَ ﴿١٣٥﴾ فَانتَقَمْنَا مِنْهُمْ
فَأَغْرَقْنَٰهُمْ فِي الْيَمِّ بِأَنَّهُمْ كَذَّبُوا بِـَٔايَٰتِنَا وَكَانُوا عَنْهَا
غَٰفِلِينَ ﴿١٣٦﴾ وَأَوْرَثْنَا الْقَوْمَ الَّذِينَ كَانُوا يُسْتَضْعَفُونَ
مَشَٰرِقَ الْأَرْضِ وَمَغَٰرِبَهَا الَّتِي بَٰرَكْنَا فِيهَا ۖ وَتَمَّتْ كَلِمَتُ
رَبِّكَ الْحُسْنَىٰ عَلَىٰ بَنِيٓ إِسْرَٰٓءِيلَ بِمَا صَبَرُوا ۖ وَدَمَّرْنَا
مَا كَانَ يَصْنَعُ فِرْعَوْنُ وَقَوْمُهُۥ وَمَا كَانُوا يَعْرِشُونَ ﴿١٣٧﴾

پوءِ جڏھن اُنھن کي سک پھتو ٿي تڏھن چيائون ٿي تہ ھيءَ اسان جو (حق) آھي ۽ جيڪڏھن اُنھن کي ڪو ڏک پھچندو ھو تہ موسىٰ ۽ سندس سنگت کي نياڀڳو ڀائيندا ھئا- خبردار الله وٽ تہ سندين ئي نياڀڳائي آھي پر منجھانئن گھڻا نہ ٿا ڄاڻن (١٣١). ۽ چيائون تہ (اي موسىٰ) جڏھن بہ ڪا نشاني اسان وٽ ھن لاءِ آڻيندين تہ اُن سان اسان تي جادو ڪرين تہ اسين توکي مڃڻ وارا نہ آھيون (١٣٢). پوءِ مٿن طوفان ۽ ماڪڙ ۽ جوئان ۽ ڏيڏر ۽ رت کليل معجزا موڪلياسون پوءِ وڏائي ڪيائون ۽ (اُھا) ڏوھاري قوم ھئي (١٣٣). ۽ جڏھن مٿن سزا پھتي ٿي (تڏھن) چيائون ٿي تہ اي موسىٰ! پنھنجي پالڻھار کان اُنھيءَ وعدي سان جو تو سان ڪيو اٿس اسان لاءِ دعا گھر، تہ جيڪڏھن اسان تان عذاب لاٿئہ تہ توتي ضرور ايمان آڻينداسين ۽ بني اِسرائيل کي (بہ) ضرور توسان ھلڻ (جي موڪل) ڏينداسون (١٣٤). پوءِ جنھن مھل عذاب جيڪو کين ٺھرايل مدت تائين پھچڻو ھو، سو کانئن لاٿوسون ٿي (تنھن مھل) اُتي جو اُتي اُنھن انجام ڀڳو ٿي (١٣٥). پوءِ اسان کانئن پورو وير ورتو جو اُنھن کي سمنڊ ۾ اِنھيءَ ڪري ٻوڙيوسون جو اُنھن اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڄاتو ۽ انھن کان بي خبر ھئا (١٣٦). ۽ اُھا قوم جيڪا ھيٺي ڀانئبي ھئي تنھن کي اُنھي اوير ۽ اولھ جي زمين (يعني شام ۽ مصر) جو وارث ڪيوسون جنھن ۾ برڪت رکي ھئي سون- ۽ تنھنجي پالڻھار جو بني اِسرائيلن سان چڱو انجام اِنھي سببان پورو ٿيو جو صبر ڪيائون- ۽ فرعون ۽ سندس قوم جيڪي ٻڻايو ۽ جيڪا (اڏاوت) بلند ڪئي ھئائون سا (سڀ) ناس ڪري ڇڏي سون (١٣٧).

وَجٰوَزْنَا بِبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ الْبَحْرَ فَاَتَوْا عَلٰى قَوْمٍ يَّعْكُفُوْنَ
عَلٰٓى اَصْنَامٍ لَّهُمْ ۚ قَالُوْا يٰمُوْسَى اجْعَلْ لَّنَآ اِلٰهًا كَمَا لَهُمْ
اٰلِهَةٌ ؕ قَالَ اِنَّكُمْ قَوْمٌ تَجْهَلُوْنَ ﴿١٣٨﴾ اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ مُتَبَّرٌ مَّا هُمْ
فِيْهِ وَبٰطِلٌ مَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٣٩﴾ قَالَ اَغَيْرَ اللّٰهِ اَبْغِيْكُمْ
اِلٰهًا وَّهُوَ فَضَّلَكُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٤٠﴾ وَاِذْ اَنْجَيْنٰكُمْ مِّنْ اٰلِ
فِرْعَوْنَ يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ ۚ يُقَتِّلُوْنَ اَبْنَآءَكُمْ وَ
يَسْتَحْيُوْنَ نِسَآءَكُمْ ؕ وَفِيْ ذٰلِكُمْ بَلَآءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ ﴿١٤١﴾ ع
وَوٰعَدْنَا مُوْسٰى ثَلٰثِيْنَ لَيْلَةً وَّاَتْمَمْنٰهَا بِعَشْرٍ فَتَمَّ
مِيْقَاتُ رَبِّهٖٓ اَرْبَعِيْنَ لَيْلَةً ۚ وَقَالَ مُوْسٰى لِاَخِيْهِ
هٰرُوْنَ اخْلُفْنِيْ فِيْ قَوْمِيْ وَاَصْلِحْ وَلَا تَتَّبِعْ سَبِيْلَ
الْمُفْسِدِيْنَ ﴿١٤٢﴾ وَلَمَّا جَآءَ مُوْسٰى لِمِيْقَاتِنَا وَكَلَّمَهٗ رَبُّهٗ ۙ قَالَ
رَبِّ اَرِنِيْٓ اَنْظُرْ اِلَيْكَ ؕ قَالَ لَنْ تَرٰىنِيْ وَلٰكِنِ انْظُرْ اِلَى
الْجَبَلِ فَاِنِ اسْتَقَرَّ مَكَانَهٗ فَسَوْفَ تَرٰىنِيْ ۚ فَلَمَّا تَجَلّٰى
رَبُّهٗ لِلْجَبَلِ جَعَلَهٗ دَكًّا وَّخَرَّ مُوْسٰى صَعِقًا ۚ فَلَمَّآ اَفَاقَ
قَالَ سُبْحٰنَكَ تُبْتُ اِلَيْكَ وَاَنَا اَوَّلُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٤٣﴾

۽ بني اِسرائيلن کي سمند کان پار ٽپايو پوءِ اُهي هڪڙي اهڙي قوم تي پهتا جو پنهنجن بتن جا مجاور هئا (موسيٰ کي) چيائون ته اي موسيٰ! اسان لاءِ (به) هڪڙو اهڙو معبود بڻاءِ جهڙا هنن لاءِ معبود آهن. (موسيٰ) چيو ته پڪ اوهين جاهل قوم آهيو (١٣٨). بيشڪ هي ماڻهو پاڻ جنهن (مذهب ۾ پيل) آهن سو برباد ٿيل آهي ۽ جيڪي ڪندا رهندا آهن سو باطل آهي (١٣٩). موسيٰ چيو ته الله کان سواءِ هن هوندي به اوهان لاءِ ٻيو معبود ڇو گهران جو اُن اوهان کي جهانن جي ماڻهن کان ڀلو ڪيو آهي؟ (١٤٠). ۽ (ياد ڪريو) جڏهن اوهان کي فرعون جي ماڻهن کان ڇڏايوسون جن اوهان کي بڇڙو عذاب چکايو ٿي. جو اوهان جا پٽ ڪهندا هئا ۽ اوهان جون ڌيئرون جيئريون ڇڏيندا هئا ۽ اُن ۾ اوهان جي پالڻهار کان اوهان لاءِ وڏي پرک هئي (١٤١). ۽ موسيٰ کي ٽيهن راتين جو انجام ڏنوسون ۽ اُنهيءَ کي (ٻين) ڏهن سان پورو ڪيوسون پوءِ سندس پالڻهار جو انجام چاليهن راتين جو پورو ٿيو ۽ موسيٰ پنهنجي ڀاءُ هارون کي چيو ته منهنجي قوم ۾ منهنجي پوئتان خليفو ٿيءُ ۽ سڌارو ڪج ۽ فسادين جي واٽ تي نه هلج! (١٤٢). ۽ جنهن مهل موسيٰ اسان جي انجام واري هنڌ آيو ۽ سندس پالڻهار ساڻس ڳالهايو (تنهن مهل) چيائين ته اي منهنجا پالڻهار! مون کي پاڻ ڏيکار ته آءٌ توکي ڏسان. (الله) چيو ته مون کي ڪڏهن نه ڏسي سگهندين پر جبل ڏانهن نهار پوءِ جيڪڏهن هن پنهنجي جاءِ تي ٽڪاءُ ڪيو ته تون مون کي ڏسي سگهندين. پوءِ جنهن مهل سندس پالڻهار جبل ڏانهن تجلو ڪيو (تنهن مهل) اُن کي ٽُڪر ٽُڪر ڪري ڇڏيائين ۽ موسيٰ بيهوش ٿي ڪري پيو. پوءِ جنهن مهل هوش ۾ آيو (تنهن مهل) چوڻ لڳو ته توکي پاڪائي جڳائي تنهنجي درگاه ۾ توبه ڪيم ۽ آءٌ (سڀ کان) پهريون مؤمن آهيان (١٤٣).

قَالَ يٰمُوْسٰۤى اِنِّى اصْطَفَيْتُكَ عَلَى النَّاسِ بِرِسٰلٰتِىْ وَ
بِكَلَامِىْ ۖ فَخُذْ مَاۤ اٰتَيْتُكَ وَكُنْ مِّنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿١٤٤﴾ وَكَتَبْنَا
لَهٗ فِى الْاَلْوَاحِ مِنْ كُلِّ شَىْءٍ مَّوْعِظَةً وَّتَفْصِيْلًا لِّكُلِّ
شَىْءٍ ۚ فَخُذْهَا بِقُوَّةٍ وَّاْمُرْ قَوْمَكَ يَاْخُذُوْا بِاَحْسَنِهَا ؕ
سَاُورِيْكُمْ دَارَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿١٤٥﴾ سَاَصْرِفُ عَنْ اٰيٰتِىَ الَّذِيْنَ
يَتَكَبَّرُوْنَ فِى الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ ؕ وَاِنْ يَّرَوْا كُلَّ اٰيَةٍ
لَّا يُؤْمِنُوْا بِهَا ۚ وَاِنْ يَّرَوْا سَبِيْلَ الرُّشْدِ لَا يَتَّخِذُوْهُ سَبِيْلًا ۚ
وَاِنْ يَّرَوْا سَبِيْلَ الْغَىِّ يَتَّخِذُوْهُ سَبِيْلًا ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ
كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوْا عَنْهَا غٰفِلِيْنَ ﴿١٤٦﴾ وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا
بِاٰيٰتِنَا وَلِقَآءِ الْاٰخِرَةِ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ ؕ هَلْ يُجْزَوْنَ
اِلَّا مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٤٧﴾ وَاتَّخَذَ قَوْمُ مُوْسٰى مِنْۢ بَعْدِهٖ مِنْ
حُلِيِّهِمْ عِجْلًا جَسَدًا لَّهٗ خُوَارٌ ؕ اَلَمْ يَرَوْا اَنَّهٗ لَا يُكَلِّمُهُمْ
وَلَا يَهْدِيْهِمْ سَبِيْلًا ۘ اِتَّخَذُوْهُ وَكَانُوْا ظٰلِمِيْنَ ﴿١٤٨﴾ وَلَمَّا
سُقِطَ فِىْۤ اَيْدِيْهِمْ وَرَاَوْا اَنَّهُمْ قَدْ ضَلُّوْا ۙ قَالُوْا لَئِنْ
لَّمْ يَرْحَمْنَا رَبُّنَا وَيَغْفِرْ لَنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿١٤٩﴾

(الله) فرمايو ته اي موسيٰ! مون توکي پنهنجي پيغمبريءَ ۽ پنهنجي ڳالهائڻ سان ماڻهن کان ڀلارو ڪيو آهي جيڪو (توريت) توکي ڏنو اٿم سو وٺ ۽ شڪر ڪندڙن مان هج (١۴۴). ۽ اُن (موسيٰ) لاءِ سڀ ڪنهن شيءِ جي نصيحت واسطي ۽ سڀ ڪنهن شيءِ جي ڌارو ڌار بيان واسطي (توريت) تختين ۾ لکي ڏنوسون، (۽ چيو ويس) ته اُن کي پختائيءَ سان وٺ ۽ پنهنجي قوم کي حڪم ڪر ته اُن جون چڱيون ڳالهيون (عمل ۾) وٺندا رهن- اوهان کي بدڪارن جي جاءِ سگهو ڏيکاريندس (١۴٥). جيڪي زمين ۾ ناحق وڏائي ڪندا رهندا آهن تن کي سگهو پنهنجن آيتن (جي سمجھ) کان جهليندس- ۽ جيڪڏهن سڀ نشانيون ڏسندا ته (به) اُنهن تي ايمان نه آڻيندا- ۽ جيڪڏهن هدايت جي واٽ ڏسندا ته اُن کي واٽ نه بڻائيندا، ۽ جيڪڏهن گمراهيءَ جي واٽ ڏسندا ته اُن کي واٽ بڻائيندا- اُهو هن سببان آهي جو اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڀانيائون ۽ اُنهن کان غافل رهيا هئا (١۴٦). ۽ جن اسان جي آيتن کي ۽ آخرت جي ملڻ کي ڪوڙ ڄاتو تن جا اعمال ناس ٿيا، جيڪي ڪمائيندا آهن تنهن کان سواءِ ٻيو ڪو بدلو نه ڏبن (١۴٧). ۽ موسيٰ جي قوم ڪانئس پوءِ اُنهن (قبطين) جي زيورن مان گابي جو بوتو اَهڙو ناهي ورتو جنهن کي رنڀ هئي- نه ٿي ڏٺائون ڇا ته اُهو ساڻن نه ڳالهائيندو هو ۽ نڪي اُنهن کي ڪا واٽ ڏيکاريندو هو؟- اُن کي (خدا ڪري) ورتائون ۽ ظالم هئا (١۴٨). ۽ جڏهن پنهنجي هٿان وين (يعني پشيمان ٿيا) ۽ سمجهيائون ته اُهي پڪ گمراهه ٿيا (تڏهن) چيائون ته جيڪڏهن اسان جو پالڻهار اسان تي ٻاجھ نه ڪندو ۽ اسان کي نه بخشيندو ته ضرور ٽوٽي وارن مان ٿيندا سون (١۴٩).

وَلَمَّا رَجَعَ مُوْسٰۤى اِلٰى قَوْمِهٖ غَضْبَانَ اَسِفًا ۙ قَالَ بِئْسَمَا
خَلَفْتُمُوْنِیْ مِنْۢ بَعْدِیْ ۚ اَعَجِلْتُمْ اَمْرَ رَبِّكُمْ ۚ وَاَلْقَى الْاَلْوَاحَ
وَاَخَذَ بِرَاْسِ اَخِیْهِ یَجُرُّهٗۤ اِلَیْهِ ؕ قَالَ ابْنَ اُمَّ اِنَّ الْقَوْمَ
اسْتَضْعَفُوْنِیْ وَكَادُوْا یَقْتُلُوْنَنِیْ ۖ٘ فَلَا تُشْمِتْ بِیَ الْاَعْدَآءَ وَ
لَا تَجْعَلْنِیْ مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِیْنَ ﴿۱۵۰﴾ قَالَ رَبِّ اغْفِرْ لِیْ وَلِاَخِیْ وَ
اَدْخِلْنَا فِیْ رَحْمَتِكَ ۖ٘ وَاَنْتَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِیْنَ ﴿۱۵۱﴾ اِنَّ الَّذِیْنَ اتَّخَذُوا
الْعِجْلَ سَیَنَالُهُمْ غَضَبٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَذِلَّةٌ فِی الْحَیٰوةِ الدُّنْیَا ؕ
وَكَذٰلِكَ نَجْزِی الْمُفْتَرِیْنَ ﴿۱۵۲﴾ وَالَّذِیْنَ عَمِلُوا السَّیِّاٰتِ ثُمَّ تَابُوْا
مِنْۢ بَعْدِهَا وَاٰمَنُوْۤا ؗ اِنَّ رَبَّكَ مِنْۢ بَعْدِهَا لَغَفُوْرٌ رَّحِیْمٌ ﴿۱۵۳﴾
وَلَمَّا سَكَتَ عَنْ مُّوْسَى الْغَضَبُ اَخَذَ الْاَلْوَاحَ ۖۚ وَفِیْ نُسْخَتِهَا
هُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّلَّذِیْنَ هُمْ لِرَبِّهِمْ یَرْهَبُوْنَ ﴿۱۵۴﴾ وَاخْتَارَ مُوْسٰى
قَوْمَهٗ سَبْعِیْنَ رَجُلًا لِّمِیْقَاتِنَا ۚ فَلَمَّاۤ اَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ قَالَ رَبِّ
لَوْ شِئْتَ اَهْلَكْتَهُمْ مِّنْ قَبْلُ وَاِیَّایَ ؕ اَتُهْلِكُنَا بِمَا فَعَلَ السُّفَهَآءُ
مِنَّا ۚ اِنْ هِیَ اِلَّا فِتْنَتُكَ ؕ تُضِلُّ بِهَا مَنْ تَشَآءُ وَتَهْدِیْ مَنْ
تَشَآءُ ؕ اَنْتَ وَلِیُّنَا فَاغْفِرْ لَنَا وَارْحَمْنَا وَاَنْتَ خَیْرُ الْغٰفِرِیْنَ ﴿۱۵۵﴾

۽ جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم ڏانهن ڏمريل افسوس ڪندڙ ٿي موٽيو (تڏهن) چيائين تہ جيڪي منهنجي پريٺ مون کان پوءِ ڪيوَ سو بڇڙو آهي، پنهنجي پالڻهار جي حڪم کان (اڳ) ڇو تڪڙ ڪيوَ؟ ۽ ڦرهيون اُڇليائين ۽ پنهنجي ڀاءُ جي مٿي (جي وارن) کان وٺي ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لڳو۔ (هارون) چيو تہ اي منهنجا ڀاءُ! بيشڪ (هن) قوم مون کي هيٺو ڀانيو ۽ منهنجي مارڻ تي سنبريا تنهن ڪري مون تي دشمن نہ کلاءِ ۽ نڪي مون کي ظالم قوم سان گڏ (١٥٠). (موسيٰ) چيو تہ اي منهنجا پالڻهار! مون کي ۽ منهنجي ڀاءُ کي بخش ۽ اسان کي پنهنجي ٻاجهہ ۾ داخل ڪر۔ ۽ تون (سڀني) ٻاجهہ وارن کان وڌيڪ ٻاجهارو آهين (١٥١). جن ڳابي کي (خدا ڪري) ورتو تن کي سندن پالڻهار وٽان ڏمر ۽ دنيا جي حياتيءَ ۾ خواري سگهو پهچندي۔ ۽ اهڙي طرح ناهہ ناهيندڙن کي سزا ڏيندا آهيون (١٥٢). ۽ (اي پيغمبر!) جن بڇڙا ڪم ڪيا وري اُن کان پوءِ توبہ ڪيائون ۽ ايمان آندائون (تن کي) تنهنجو پالڻهار اُن (توبہ) کان پوءِ بخشڻهار مهربان آهي (١٥٣). ۽ جڏهن موسيٰ جو ڏمر لٿو تڏهن (توريت جون) ڦرهيون (ڪٽي) ورتائين، اُن جي لکيي ۾ اُنهن لاءِ هدايت ۽ ٻاجهہ هئي جيڪي پنهنجي پالڻهار کان ڊڄندا آهن (١٥٤). ۽ موسيٰ پنهنجي قوم مان ستر ڄڻا اسان جي (ملاقات جي) انجام لاءِ چونڊيا، پوءِ جنهن مهل اُنهن کي زلزلي ورتو (تڏهن موسيٰ) چيو تہ اي منهنجا پالڻهار! جيڪڏهن (تون) گهرين ها تہ هن کان اڳ اُنهن کي ۽ خاص مون کي هلاڪ ڪري ڇڏين ها۔ اسان منجهان بي عقلن جيڪي ڪيو تنهن سببان اسان کي ڇو ٿو هلاڪ ڪرين؟ اها تنهنجي پرک (حڪمت) کان سواءِ نہ آهي۔ جنهن کي گهرين تنهن کي اُن سان گمراهہ ڪندو آهين ۽ جنهن کي گهرين تنهن کي (اُن سان) هدايت ڪندو آهين۔ تون اسان جو سنڀاليندڙ آهين تنهن ڪري اسان کي بخش ۽ اسان تي ٻاجهہ ڪر ۽ تون (سڀ کان) چڱو بخشيندڙ آهين (١٥٥).

وَاكْتُبْ لَنَا فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِي الْاٰخِرَةِ اِنَّا
هُدْنَآ اِلَيْكَ ؕ قَالَ عَذَابِيْٓ اُصِيْبُ بِهٖ مَنْ اَشَآءُ ۚ وَرَحْمَتِيْ
وَسِعَتْ كُلَّ شَيْءٍ ؕ فَسَاَكْتُبُهَا لِلَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ وَيُؤْتُوْنَ
الزَّكٰوةَ وَالَّذِيْنَ هُمْ بِاٰيٰتِنَا يُؤْمِنُوْنَ ۚ ﴿١٥٦﴾ اَلَّذِيْنَ
يَتَّبِعُوْنَ الرَّسُوْلَ النَّبِيَّ الْاُمِّيَّ الَّذِيْ يَجِدُوْنَهٗ مَكْتُوْبًا
عِنْدَهُمْ فِي التَّوْرٰىةِ وَالْاِنْجِيْلِ ز يَاْمُرُهُمْ بِالْمَعْرُوْفِ
وَيَنْهٰىهُمْ عَنِ الْمُنْكَرِ وَيُحِلُّ لَهُمُ الطَّيِّبٰتِ وَيُحَرِّمُ عَلَيْهِمُ
الْخَبٰٓئِثَ وَيَضَعُ عَنْهُمْ اِصْرَهُمْ وَالْاَغْلٰلَ الَّتِيْ كَانَتْ
عَلَيْهِمْ ؕ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِهٖ وَعَزَّرُوْهُ وَنَصَرُوْهُ وَ
اتَّبَعُوا النُّوْرَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ مَعَهٗٓ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿١٥٧﴾ ع
قُلْ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ جَمِيْعَا
الَّذِيْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ يُحْيٖ
وَيُمِيْتُ ص فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الَّذِيْ
يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَكَلِمٰتِهٖ وَاتَّبِعُوْهُ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿١٥٨﴾ وَ
مِنْ قَوْمِ مُوْسٰٓى اُمَّةٌ يَّهْدُوْنَ بِالْحَقِّ وَبِهٖ يَعْدِلُوْنَ ﴿١٥٩﴾

۽ اسان لاءِ هن دنيا ۾ ۽ آخرت ۾ چڱائي لک چو تہ اسين تو ڏانهن رجوع ٿيا آهيون۔ (الله) فرمايو تہ آءٌ پنهنجو عذاب جنهن لاءِ وٽندو اتم تنهن کي پهچائيندو آهيان، ۽ منهنجي ٻاجھ سڀ ڪنهن شيءِ کي شامل آهي۔ پوءِ آءٌ پنهنجي ٻاجھ اُنهن لاءِ لکندس جيڪي پرهيزگاري ڪندا آهن ۽ زڪواة ڏيندا آهن ۽ جيڪي منهنجي آيتن تي ايمان آڻيندا آهن (١٥٦). (۽ پڻ آخرت جي رحمت انهن لاءِ لکندس) جيڪي اُنهيءَ نبي اُمي پيغمبر جي تابعداري ڪندا آهن جنهن جون وصفون توريت ۽ انجيل ۾ پاڻ وٽ لکيلون لهندا آهن (اُهو) اُنهن کي چڱن ڪمن جو حڪم ڪندو آهي ۽ برن ڪمن کان اُنهن کي جهليندو آهي ۽ سٺيون شيون اُنهن لاءِ حلال ڪندو آهي ۽ پليت شيون مٿن حرام ڪندو آهي ۽ سندن ڳرو بار ۽ جيڪي تڪليفون مٿن هيون سي کانئن لاهيندو آهي۔ پوءِ جن اُن تي ايمان آندو ۽ سندس تعظيم ڪئي ۽ کيس مدد ڏنائون ۽ اُنهيءَ نور (ڪلام الله) جي تابعداري ڪيائون جيڪو ساڻس لاٿو ويو سي ئي ڇٽل آهن (١٥٧). (اي پيغمبر!) چؤ تہ اي انسانو! آءٌ اوهان مڙني ڏانهن اُن الله جو پيغمبر (ٿي آيو) آهيان جنهن جي آسمانن ۽ زمين ۾ بادشاهي آهي، اُن الله کان سواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جو لائق نہ آهي اُهو جياريندو آهي ۽ ماريندو آهي تنهن ڪري الله ۽ سندس اُنهي پيغمبر اُمي نبي تي ايمان آڻيو جيڪو الله ۽ سندس حڪمن کي مڃيندو آهي ۽ اُن جي تابعداري ڪريو تہ مانَ اوهين سڌي واٽ لهو (١٥٨). ۽ موسىٰ جي قوم مان هڪ اهڙي ٽولي آهي جا (ماڻهن کي) سڌو رستو ڏيکاريندي آهي ۽ (اُهي) اُن سان انصاف تي هلندا آهن (١٥٩).

وَقَطَّعْنٰهُمُ اثْنَتَيْ عَشْرَةَ اَسْبَاطًا اُمَمًا ؕ وَاَوْحَيْنَآ اِلٰى
مُوْسٰۤى اِذِ اسْتَسْقٰىهُ قَوْمُهٗۤ اَنِ اضْرِبْ بِّعَصَاكَ الْحَجَرَ ۚ
فَانْۢبَجَسَتْ مِنْهُ اثْنَتَا عَشْرَةَ عَيْنًا ؕ قَدْ عَلِمَ كُلُّ اُنَاسٍ
مَّشْرَبَهُمْ ؕ وَظَلَّلْنَا عَلَيْهِمُ الْغَمَامَ وَاَنْزَلْنَا عَلَيْهِمُ
الْمَنَّ وَالسَّلْوٰى ؕ كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ ؕ وَ
مَا ظَلَمُوْنَا وَلٰكِنْ كَانُوْۤا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿۱۶۰﴾ وَاِذْ قِيْلَ
لَهُمُ اسْكُنُوْا هٰذِهِ الْقَرْيَةَ وَكُلُوْا مِنْهَا حَيْثُ
شِئْتُمْ وَقُوْلُوْا حِطَّةٌ وَّادْخُلُوا الْبَابَ سُجَّدًا نَّغْفِرْ
لَكُمْ خَطِيْٓــٰٔتِكُمْ ؕ سَنَزِيْدُ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۶۱﴾ فَبَدَّلَ
الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْهُمْ قَوْلًا غَيْرَ الَّذِيْ قِيْلَ لَهُمْ
فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِجْزًا مِّنَ السَّمَآءِ بِمَا كَانُوْا
يَظْلِمُوْنَ ﴿۱۶۲﴾ ع وَسْـَٔلْهُمْ عَنِ الْقَرْيَةِ الَّتِيْ كَانَتْ
حَاضِرَةَ الْبَحْرِ ۘ اِذْ يَعْدُوْنَ فِي السَّبْتِ اِذْ تَاْتِيْهِمْ
حِيْتَانُهُمْ يَوْمَ سَبْتِهِمْ شُرَّعًا وَّيَوْمَ لَا يَسْبِتُوْنَ ۙ لَا
تَاْتِيْهِمْ ۚۛ كَذٰلِكَ ۚۛ نَبْلُوْهُمْ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿۱۶۳﴾

۽ بني اسرائيلن مان ٻارهن پاڙا ٽوليون ڪري جدا ڪياسون- ۽ جڏهن موسىٰ کان سندس قوم پاڻي گهريو تڏهن ڏانهس وحي موڪليوسون ته پنهنجي لٺ پهڻ کي هڻ، پوءِ (هنيائين ته) اُن مان ٻارهن چشما ڦٽي وڙها- بيشڪ سڀ ڪنهن ماڻهو پنهنجي پاڻي پيڻ جي جاءِ ڄاتي ٿي- ۽ اسان مٿن ڪڪر جي ڇانوَ ڪئي ۽ مٿن من ۽ سلويٰ لاٿاسون- (۽ چيوسون ته) جيڪا اوهان جي سٺي روزي ٻڌائي اٿوَن تنهن مان کائو- ۽ اسان جو ڪجھ نه وڃايائون پر پاڻ کي نقصان ٿي لاٿائون. (١٦٠). ۽ جڏهن اُنهن کي چيو ويو ته هن ڳوٺ ۾ وڃي ٽڪو ۽ منجهانئس جتان وڻيو تتان کائو ۽ چئو ته بخش (ڪر) ۽ دروازي کان سجدو ڪندڙ ٿي لنگهو ته اوهان کي اوهان جون خطائون بخشيون- ڀلارن کي سگهو وڌيڪ (چڱائي) ڏينداسون (١٦١). پوءِ اُنهن (بني اسرائيلن) مان جيڪي ظالم هئا تن کي جيڪا ڳالھ چئي ويئي هئي سا اُنهن مٽائي ٻي ڳالھ چئي پوءِ مٿن آسمان کان اِنهيءَ سببان سزا موڪلي سون جو ظلم ٿي ڪيائون (١٦٢). ۽ (اي پيغمبر!) کانئن اُن ڳوٺ (جي حال) بابت پڇا ڪر جيڪو درياءَ جي ڪناري تي هو- جڏهن (اُهي منع هوندي) ڇنڇر (جي حڪم) ۾ حڪم عدولي ڪرڻ لڳا جڏهن اُنهن جون مڇيون سندن ڇنڇر ڏينهن (پاڻيءَ جي مٿان) سندن سامهون پڌريون ٿي ايندريون هيون ۽ جنهن ڏينهن ڇنڇر نه ڪندا هئا تنهن ڏينهن (ٻاهر) نه ايندريون هيون، اهڙيءَ طرح اُنهن کي اِنهيءَ سببان پرکيوسون جو نافرماني ٿي ڪيائون (١٦٣).

وَاِذْ قَالَتْ اُمَّةٌ مِّنْهُمْ لِمَ تَعِظُوْنَ قَوْمًا ۙ اللّٰهُ مُهْلِكُهُمْ اَوْ
مُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا ؕ قَالُوْا مَعْذِرَةً اِلٰى رَبِّكُمْ وَلَعَلَّهُمْ
يَتَّقُوْنَ ﴿١٦٤﴾ فَلَمَّا نَسُوْا مَا ذُكِّرُوْا بِهٖۤ اَنْجَيْنَا الَّذِيْنَ يَنْهَوْنَ عَنِ
السُّوْٓءِ وَاَخَذْنَا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا بِعَذَابٍۭ بَـِٕيْسٍۭ بِمَا كَانُوْا
يَفْسُقُوْنَ ﴿١٦٥﴾ فَلَمَّا عَتَوْا عَنْ مَّا نُهُوْا عَنْهُ قُلْنَا لَهُمْ كُوْنُوْا
قِرَدَةً خٰسِـِٕيْنَ ﴿١٦٦﴾ وَاِذْ تَاَذَّنَ رَبُّكَ لَيَبْعَثَنَّ عَلَيْهِمْ اِلٰى
يَوْمِ الْقِيٰمَةِ مَنْ يَّسُوْمُهُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ ؕ اِنَّ رَبَّكَ لَسَرِيْعُ
الْعِقَابِ ۖۚ وَاِنَّهٗ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٦٧﴾ وَقَطَّعْنٰهُمْ فِى الْاَرْضِ اُمَمًا ۚ
مِنْهُمُ الصّٰلِحُوْنَ وَمِنْهُمْ دُوْنَ ذٰلِكَ ۫ وَبَلَوْنٰهُمْ بِالْحَسَنٰتِ
وَالسَّيِّاٰتِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿١٦٨﴾ فَخَلَفَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ خَلْفٌ وَّرِثُوا
الْكِتٰبَ يَاْخُذُوْنَ عَرَضَ هٰذَا الْاَدْنٰى وَيَقُوْلُوْنَ سَيُغْفَرُ لَنَا ۚ
وَاِنْ يَّاْتِهِمْ عَرَضٌ مِّثْلُهٗ يَاْخُذُوْهُ ؕ اَلَمْ يُؤْخَذْ عَلَيْهِمْ مِّيْثَاقُ
الْكِتٰبِ اَنْ لَّا يَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الْحَقَّ وَدَرَسُوْا مَا فِيْهِ ؕ وَالدَّارُ
الْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿١٦٩﴾ وَالَّذِيْنَ يُمَسِّكُوْنَ
بِالْكِتٰبِ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ ؕ اِنَّا لَا نُضِيْعُ اَجْرَ الْمُصْلِحِيْنَ ﴿١٧٠﴾

۽ جڏهن منجهائن هڪ ٽوليءَ (نصيحت ڪندڙن کي) چيو ته اهڙيءَ قوم کي اوهين ڇو نصيحت ڪندا آهيو جن کي الله هلاڪ ڪندڙ آهي يا کين سخت عذاب ڪندڙ آهي؟ تڏهن چيائون ته (اسان جي نصيحت) اوهان جي پالڻهار وٽ عذر آهي ۽ مانَ اُهي ڊڄن. (١٦٤). پوءِ جيڪا نصيحت ڏني ويئي هين سا جنهن مهل وساريائون اُنهيءَ مهل اُنهن ماڻهن کي بچايوسون جيڪي مدائي کان جهليندا هُين ۽ ظالمن کي سخت عذاب سان اِنهيءَ ڪري پڪڙيوسون جو هو بدڪار هئا (١٦٥). پوءِ جنهن کان جهليو ويو هُين تنهن کان جڏهن حد ٽپيا تڏهن کين چيوسون ته خوار ٿيل ڀولڙا ٿيو (١٦٦). ۽ (ياد ڪر) جڏهن تنهنجي پالڻهار (يهودين کي) سُڌ ڏني ته (اُهو) مٿن قيامت تائين (اهڙو حاڪم) ضرور مقرر ڪندو جيڪو اُنهن کي بڇڙي سزا چکائيندو رهندو. ڇو ته تنهنجو پالڻهار سگهو سزا ڏيندڙ آهي، ۽ اُهو بخشڻهار مهربان (به) آهي (١٦٧). ۽ اُنهن (بني اسرائيلن) کي ملڪ ۾ ٽوليون ٽوليون ڪري پکيڙي ڇڏيوسون، منجهائن ڪي سڌريل آهن ۽ ڪي اڻ سڌريل آهن ۽ انهن کي سکن ۽ ڏکن سان پرکيوسون ته مانَ اُهي موٽن (١٦٨). وري ڪائنن پوءِ اهڙا بڇڙا اُنهن جي جاءِ تي ويٺا جو ڪتاب (توريت) جا (ڇڙا) وارث ٿيا. هن دنيا جو سامان اختيار ڪندا آهن ۽ چوندا آهن ته بخشباسون، ۽ جيڪڏهن وٽن ڪو اهڙو سامان ايندو آهي ته (اُهي پشيمان نه ٿيندا آهن ۽) اُهو وٺندا آهن. ڪائنن ڪتاب (توريت) ۾ هي انجام نه ورتو ويو هو ڇا ته سچ کان سواءِ الله تي ڪجهه به کين چون؟ ۽ جيڪي منجهس آهي سو پڙهيو به اٿن ۽ آخرت جو ملڪ اُنهن لاءِ ڀَلو آهي جيڪي پرهيزگار آهن پوءِ ڇو نه سمجهندا آهيو؟ (١٦٩). ۽ جيڪي ڪتاب کي مضبوطيءَ سان وٺن ٿا ۽ نماز پڙهن ٿا. (اهڙن) نيڪن جو اجر اسين نه وڃائيندا آهيون (١٧٠).

وَإِذْ نَتَقْنَا الْجَبَلَ فَوْقَهُمْ كَأَنَّهُ ظُلَّةٌ وَّظَنُّوْٓا أَنَّهُ وَاقِعٌۢ بِهِمْ ۚ
خُذُوْا مَآ اٰتَيْنٰكُمْ بِقُوَّةٍ وَّاذْكُرُوْا مَا فِيْهِ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿١٧١﴾ ع وَ
إِذْ أَخَذَ رَبُّكَ مِنْۢ بَنِيْٓ اٰدَمَ مِنْ ظُهُوْرِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ وَ
أَشْهَدَهُمْ عَلٰٓى أَنْفُسِهِمْ ۚ أَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ ؕ قَالُوْا بَلٰى ۛ شَهِدْنَا ۛ أَنْ
تَقُوْلُوْا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ إِنَّا كُنَّا عَنْ هٰذَا غٰفِلِيْنَ ﴿١٧٢﴾ لا أَوْ تَقُوْلُوْٓا إِنَّمَآ
أَشْرَكَ اٰبَآؤُنَا مِنْ قَبْلُ وَكُنَّا ذُرِّيَّةً مِّنْۢ بَعْدِهِمْ ۚ أَفَتُهْلِكُنَا
بِمَا فَعَلَ الْمُبْطِلُوْنَ ﴿١٧٣﴾ وَكَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ وَلَعَلَّهُمْ
يَرْجِعُوْنَ ﴿١٧٤﴾ وَاتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَاَ الَّذِيْٓ اٰتَيْنٰهُ اٰيٰتِنَا فَانْسَلَخَ
مِنْهَا فَأَتْبَعَهُ الشَّيْطٰنُ فَكَانَ مِنَ الْغٰوِيْنَ ﴿١٧٥﴾ وَلَوْ شِئْنَا
لَرَفَعْنٰهُ بِهَا وَلٰكِنَّهٗٓ أَخْلَدَ إِلَى الْأَرْضِ وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ ۚ فَمَثَلُهٗ
كَمَثَلِ الْكَلْبِ ۚ إِنْ تَحْمِلْ عَلَيْهِ يَلْهَثْ أَوْ تَتْرُكْهُ يَلْهَثْ ؕ
ذٰلِكَ مَثَلُ الْقَوْمِ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۚ فَاقْصُصِ
الْقَصَصَ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ ﴿١٧٦﴾ سَآءَ مَثَلًا ۨالْقَوْمُ الَّذِيْنَ
كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَأَنْفُسَهُمْ كَانُوْا يَظْلِمُوْنَ ﴿١٧٧﴾ مَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ
فَهُوَ الْمُهْتَدِيْ ۚ وَمَنْ يُّضْلِلْ فَأُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿١٧٨﴾

۽ (ياد ڪر) جڏھن اُنھن جي مٿان جبل کي ٽنگيوسون ڄڻ تہ اُھو ڇَٽي هو ۽ ڀانيائون تہ اُھو مٿن ڪِرندو، (کين چيوسون) تہ جيڪي اسان اوھان کي ڏنو آھي سو محڪم ڪري وٺو ۽ جيڪي منجھس آھي سو ياد ڪندا رھو تہ مانَ اوھين (عذاب کان) بچو (۱۷۱). ۽ (اي پيغمبر! ياد ڪر) جڏھن تنھنجي پالڻھار آدم جي اولاد مان (يعني) سندن پٺين مان سندن اولاد کي پيدا ڪيو ۽ سندن وجود کي مٿن شاھد ڪيائين (۽ پڇيائين) تہ (آءٌ) اوھان جو پالڻھار نہ آھيان ڇا؟ چيائون تہ ھائو (آھين)، گواھ ٿيا آھيون، (اِھا گواھي ھن لاءِ ورتي ھئي) تہ (متان) قيامت جي ڏينھن چئو تہ اسين ھِن (ڳالھ) کان بي خبر ھئاسون (۱۷۲). يا (متان) چئو تہ شرڪ رڳو اسان جي اَبن ڏاڏن اڳ ڪيو ھو ۽ اسين ڪانئن پوءِ اولاد ھئاسون، تنھن ڪري جيڪي بيھودن ڪيو تنھن سببان اسان کي ڇو ٿو ھلاڪ ڪرين؟ (۱۷۳). ۽ اھڙيءَ طرح اسين آيتون کليل طرح بيان ڪندا آھيون تہ مانَ اُھي موٽن (۱۷۴). ۽ (اي پيغمبر!) تون اُن (ماڻھو) جو قصو کين پڙھي ٻڌاءِ جنھن کي پنھنجن آيتن جو علم ڏنو ھيوسون (اُھو) اُنھن (آيتن جي علم) مان (پاڻ پٽائي) نڪتو پوءِ شيطان سندس پٺيان لڳو پوءِ (اُھو) گمراھن مان ٿيو (۱۷۵) ۽ جيڪڏھن اسين گھرون ھا تہ کيس انھن (آيتن) سان ضرور مٿاھون ڪريون ھا پر ھو زمين (جي پَستيءَ) ڏانھن جھڪي پيو ۽ پنھنجين سَڌن جي پٺيان لڳو، پوءِ سندس مثال ڪتي جي مثال وانگر ٿيو، (جو) جيڪڏھن (تون) مٿس (ڪا شيءِ) اولارين تہ سھڪي يا جي ڇڏي ڏينس تہ (بہ) سھڪي، اِھو اُنھي قوم جو مثال آھي جن اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڄاتو، پوءِ (اي پيغمبر انھن کي) اِھا نصيحت پڙھي ٻڌاءِ تہ مانَ اُھي سوچ ڪن (۱۷۶). جن ماڻھن اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڄاتو تن جو حال بڇڙو آھي ۽ اُنھن پاڻ تي ئي ظلم ڪيو (۱۷۷). جنھن کي الله ھدايت ڪئي سو ھدايت وارو آھي، ۽ جن کي گمراھ ڪيائين سي ئي نقصان وارا آھن (۱۷۸).

وَلَقَدْ ذَرَاْنَا لِجَهَنَّمَ كَثِيْرًا مِّنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ ۖ لَهُمْ قُلُوْبٌ لَّا
يَفْقَهُوْنَ بِهَا ۫ وَلَهُمْ اَعْيُنٌ لَّا يُبْصِرُوْنَ بِهَا ۫ وَلَهُمْ اٰذَانٌ لَّا
يَسْمَعُوْنَ بِهَا ؕ اُولٰٓئِكَ كَالْاَنْعَامِ بَلْ هُمْ اَضَلُّ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْغٰفِلُوْنَ ﴿۱۷۹﴾
وَلِلّٰهِ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى فَادْعُوْهُ بِهَا ۪ وَذَرُوا الَّذِيْنَ يُلْحِدُوْنَ
فِيْۤ اَسْمَآئِهٖ ؕ سَيُجْزَوْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۸۰﴾ وَمِمَّنْ خَلَقْنَاۤ اُمَّةٌ
يَّهْدُوْنَ بِالْحَقِّ وَبِهٖ يَعْدِلُوْنَ ﴿۱۸۱﴾ ع وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا
سَنَسْتَدْرِجُهُمْ مِّنْ حَيْثُ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۸۲﴾ ۚ وَاُمْلِيْ لَهُمْ ؕ اِنَّ كَيْدِيْ
مَتِيْنٌ ﴿۱۸۳﴾ اَوَلَمْ يَتَفَكَّرُوْا ٚ مَا بِصَاحِبِهِمْ مِّنْ جِنَّةٍ ؕ اِنْ هُوَ اِلَّا نَذِيْرٌ
مُّبِيْنٌ ﴿۱۸۴﴾ اَوَلَمْ يَنْظُرُوْا فِيْ مَلَكُوْتِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا خَلَقَ
اللّٰهُ مِنْ شَيْءٍ ۙ وَّاَنْ عَسٰۤى اَنْ يَّكُوْنَ قَدِ اقْتَرَبَ اَجَلُهُمْ ۚ فَبِاَيِّ
حَدِيْثٍ بَعْدَهٗ يُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۸۵﴾ مَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَلَا هَادِيَ لَهٗ ؕ وَ
يَذَرُهُمْ فِيْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿۱۸۶﴾ يَسْئَلُوْنَكَ عَنِ السَّاعَةِ اَيَّانَ
مُرْسٰىهَا ؕ قُلْ اِنَّمَا عِلْمُهَا عِنْدَ رَبِّيْ ۚ لَا يُجَلِّيْهَا لِوَقْتِهَاۤ اِلَّا هُوَ ؔۘ ثَقُلَتْ
فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ لَا تَاْتِيْكُمْ اِلَّا بَغْتَةً ؕ يَسْئَلُوْنَكَ كَاَنَّكَ حَفِيٌّ
عَنْهَا ؕ قُلْ اِنَّمَا عِلْمُهَا عِنْدَ اللّٰهِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۸۷﴾

۽ بيشڪ دوزخ لاءِ جنن ۽ ماڻهن مان گهڻا پيدا ڪيا اٿون اُنهن جون (اَهڙيون) دليون آهن جو اُنهن سان (الله جو حڪم) نہ سمجهندا آهن ۽ اُنهن جون (اَهڙيون) اکيون آهن جو انهن سان (حقانيت) ڏسي نہ سگهندا آهن ۽ اُنهن جا (اهڙا )ڪن آهن جو اُنهن سان (حق کي) ٻڌي نہ سگهندا آهن۔ اهي ڍورن وانگر آهن بلڪ انهن کان بہ وڌيڪ گمراهہ آهن اِهي ئي غافل آهن (١٧٩) . ۽ الله جا نالا (سڀ) سهڻا آهن تنهن ڪري کيس اُنهن (نالن) سان سڏيو ۽ جيڪي سندس نالن کي ڦيرائيندا آهن تن کي ڇڏي ڏيو۔ ۽ جيڪي ڪندا آهن تنهن جي سگهو سزا ڏبن (١٨٠) . ۽ جيڪي اسان پيدا ڪيا آهن تن مان هڪ ٽولي آهي جا سچي (دين) جو سڌو رستو ڏيکاريندي آهي، ۽ اُن (دين)سان انصاف ڪندا اهن (١٨١) . ۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڄاتو تن کي سگهو ڍرڏيئي (اُتاهون) سزا ڏينداسون جتان ڄاڻندا ئي نہ (١٨٢) . ۽ اُنهن کي مهلت ڏيندس، ڇو تہ اسان جي رٿ مضبوط آهي (١٨٣) . (اُهي) سوچ نہ ڪندا آهن ڇا تہ سندن سنگتي (محمد ﷺ) کي ڪا چريائي ڪانهي؟ اُهو تہ رڳو پڌرو ڊيڄاريندڙ آهي (١٨٤) . آسمانن ۽ زمين جي بادشاهيءَ (۾) ۽ الله هر جنس مان جيڪي پيدا ڪيو آهي تنهن ۾ نہ نهاريندا آهن ڇا؟ ۽ تہ متان سندن (موت جي ٺهرايل) مدت پڪ پوري ٿيڻ تي هجي، پوءِ قرآن کان بعد ڪهڙيءَ ڳالهہ تي ايمان آڻيندا؟ (١٨٥) . جنهن کي الله گمراهہ ڪندو آهي تنهن کي ڪو هدايت ڪرڻ وارو ڪونهي ۽ الله اُنهن کي سندن گمراهيءَ ۾ حيران ٿيل ڇڏي ڏيندو آهي (١٨٦) . (اي پيغمبر!) تو کان قيامت بابت پڇن ٿا تہ ڪهڙيءَ مهل اچڻي آهي، چؤ تہ اُنهيءَ جي خبر رڳو منهنجي پالڻهار وٽ آهي، الله کان سواءِ ڪيس سندس وقت تي ڪو پڌرو نہ ڪندو۔ (اُن جي اَچڻ جي مهل جي ڄاڻ) آسمانن ۽ زمين ۾ ڳري ٿي آهي (يعني ڪو سمجهي نہ ٿو سگهي)۔ اُها تہ اوهان وٽ اوچتو ئي ايندي۔ (اي پيغمبر) تو کان (ائين) پڇن ٿا جو ڄڻڪ تون اُن جي کوجنا ڪندڙ آهين۔ چؤ تہ اُن جي خبر الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن وٽ نہ آهي پر گهڻا ماڻهو نہ ڄاڻندا آهن (١٨٧) .

قُلْ لَّآ اَمْلِكُ لِنَفْسِیْ نَفْعًا وَّ لَا ضَرًّا اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ ؕ وَلَوْ
كُنْتُ اَعْلَمُ الْغَیْبَ لَاسْتَكْثَرْتُ مِنَ الْخَیْرِ ۛۚ وَمَا مَسَّنِیَ
السُّوْٓءُ ۛۚ اِنْ اَنَا اِلَّا نَذِیْرٌ وَّ بَشِیْرٌ لِّقَوْمٍ یُّؤْمِنُوْنَ ﴿۱۸۸﴾ هُوَ الَّذِیْ
خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ وَّ جَعَلَ مِنْهَا زَوْجَهَا لِیَسْكُنَ اِلَیْهَا ۚ
فَلَمَّا تَغَشّٰىهَا حَمَلَتْ حَمْلًا خَفِیْفًا فَمَرَّتْ بِهٖ ۚ فَلَمَّآ اَثْقَلَتْ
دَّعَوَا اللّٰهَ رَبَّهُمَا لَىِٕنْ اٰتَیْتَنَا صَالِحًا لَّنَكُوْنَنَّ مِنَ الشّٰكِرِیْنَ ﴿۱۸۹﴾
فَلَمَّآ اٰتٰىهُمَا صَالِحًا جَعَلَا لَهٗ شُرَكَآءَ فِیْمَآ اٰتٰىهُمَا ۚ فَتَعٰلَى اللّٰهُ
عَمَّا یُشْرِكُوْنَ ﴿۱۹۰﴾ اَیُشْرِكُوْنَ مَا لَا یَخْلُقُ شَیْـًٔا وَّ هُمْ یُخْلَقُوْنَ ﴿۱۹۱﴾ ۚ
وَلَا یَسْتَطِیْعُوْنَ لَهُمْ نَصْرًا وَّ لَآ اَنْفُسَهُمْ یَنْصُرُوْنَ ﴿۱۹۲﴾ وَاِنْ
تَدْعُوْهُمْ اِلَى الْهُدٰى لَا یَتَّبِعُوْكُمْ ؕ سَوَآءٌ عَلَیْكُمْ اَدَعَوْتُمُوْهُمْ
اَمْ اَنْتُمْ صَامِتُوْنَ ﴿۱۹۳﴾ اِنَّ الَّذِیْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ
عِبَادٌ اَمْثَالُكُمْ فَادْعُوْهُمْ فَلْیَسْتَجِیْبُوْا لَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ
صٰدِقِیْنَ ﴿۱۹۴﴾ اَلَهُمْ اَرْجُلٌ یَّمْشُوْنَ بِهَآ اَمْ لَهُمْ اَیْدٍ یَّبْطِشُوْنَ
بِهَآ اَمْ لَهُمْ اَعْیُنٌ یُّبْصِرُوْنَ بِهَآ اَمْ لَهُمْ اٰذَانٌ یَّسْمَعُوْنَ
بِهَا ؕ قُلِ ادْعُوْا شُرَكَآءَكُمْ ثُمَّ كِیْدُوْنِ فَلَا تُنْظِرُوْنِ ﴿۱۹۵﴾

چؤ تہ الله جي گھر ڏاران آءٌ پاڻ کي نڪي فائدو ۽ نڪي نقصان پھچائي سگھان ٿو- ۽ جيڪڏھن ڳجھ ڄاڻان ها تہ گھڻيون چڱايون گڏ ڪريان ها، ۽ مون کي ڪو ڏک نہ پھچي ها، آءٌ تہ ان قوم لاءِ ڊِڄارينڌڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ (پيغمبر) آھيان جيڪي مڃيندا آھن (١٨٨). اھو (الله) آھي جنھن اوھان کي ھڪ وجود مان بڻايو ۽ منجھانئس سندس زال ھن لاءِ بڻايائين تہ ساڻس سڪون وٺي، پوءِ جنھن مھل ساڻس ميلاپ ڪندو آھي تہ اُھا ھلڪي بار سان ڳورھاري ٿيندي آھي ۽ اُن سان گھمندي رھندي آھي ۽ وري جنھن مھل ڏاڍي ڳري ٿيندي آھي (تنھن مھل) ٻئي پنھنجي پالڻھار کي سڏيندا آھن (تہ قسم آھي) تہ جيڪڏھن اسان کي صالح (ٻار) ڏيندين تہ ضرور شڪر ڪندڙن مان ٿينداسون (١٨٩). پوءِ جنھن مھل اُنھن کي صالح (پٽ) ڏيندو آھي (تنھن مھل) جيڪي اُنھن کي ڏنائين تنھن ۾ الله سان شريڪ مقرر ڪندا آھن، ۽ جنھن شيءِ کي الله سان شريڪ بڻائيندا آھن تنھن کان الله (جو شان) مٿاھون آھي (١٩٠). (ھي مشرڪ) اھڙن کي ڇو ٿا شريڪ بڻائين جي ڪجھ بڻائي نہ سگھندا آھن ۽ اُھي پاڻ خلقيل آھن (١٩١). ۽ نڪي اُنھن کي ڪا مدد ڏيئي سگھندا آھن ۽ نڪي پاڻ کي (ئي) مدد ڏيئي سگھندا آھن (١٩٢). ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏھن اُنھن کي ھدايت ڏانھن سڏيندؤ تہ اوھان جي تابعداري نہ ڪندا- اوھان تي برابر آھي تہ اُنھن کي سڏيو يا اوھين ماٺ ڪريو (١٩٣). الله کان سواءِ جن کي سڏيندا آھيو سي اوھان جھڙا ٻانھا آھن تنھن ڪري جيڪڏھن (اوھين) سچا آھيو تہ اُنھن کي سڏيو، تہ پوءِ ڀَلي اوھان کي ورندي ڏين (١٩٤). اُنھن (بتن) کي ڪي پير آھن ڇا جن سان گھمندا آھن يا اُنھن کي ڪي ھٿ آھن ڇا جن سان وٺندا آھن يا اُنھن کي اکيون آھن ڇا جن سان ڏسندا آھن يا انھن کي ڪي ڪن آھن ڇا جن سان ٻڌندا آھن؟ چؤ تہ (اوھين) پنھنجن بتن کي سڏيو پوءِ مون لاءِ (جيڪا رٿ اچيوَ سا) رٿيو ۽ مون کي مھلت نہ ڏيو (١٩٥).

اِنَّ وَلِـۧىَ اللّٰهُ الَّذِىۡ نَزَّلَ الۡكِتٰبَ ۖۗ وَهُوَ يَتَوَلَّى الصّٰلِحِيۡنَ ﴿١٩٦﴾
وَالَّذِيۡنَ تَدۡعُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِهٖ لَا يَسۡتَطِيۡعُوۡنَ نَصۡرَكُمۡ وَلَاۤ
اَنۡفُسَهُمۡ يَنۡصُرُوۡنَ ﴿١٩٧﴾ وَاِنۡ تَدۡعُوۡهُمۡ اِلَى الۡهُدٰى لَا يَسۡمَعُوۡا ؕ
وَتَرٰٮهُمۡ يَنۡظُرُوۡنَ اِلَيۡكَ وَهُمۡ لَا يُبۡصِرُوۡنَ ﴿١٩٨﴾ خُذِ الۡعَفۡوَ وَاۡمُرۡ
بِالۡعُرۡفِ وَاَعۡرِضۡ عَنِ الۡجٰهِلِيۡنَ ﴿١٩٩﴾ وَاِمَّا يَنۡزَغَنَّكَ مِنَ
الشَّيۡطٰنِ نَزۡغٌ فَاسۡتَعِذۡ بِاللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ سَمِيۡعٌ عَلِيۡمٌ ﴿٢٠٠﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ
اتَّقَوۡا اِذَا مَسَّهُمۡ طٰۤـئِفٌ مِّنَ الشَّيۡطٰنِ تَذَكَّرُوۡا فَاِذَا هُمۡ
مُّبۡصِرُوۡنَ ﴿٢٠١﴾ ۚ وَاِخۡوَانُهُمۡ يَمُدُّوۡنَهُمۡ فِى الۡغَىِّ ثُمَّ لَا يُقۡصِرُوۡنَ ﴿٢٠٢﴾
وَاِذَا لَمۡ تَاۡتِهِمۡ بِاٰيَةٍ قَالُوۡا لَوۡلَا اجۡتَبَيۡتَهَا ؕ قُلۡ اِنَّمَاۤ اَتَّبِعُ
مَا يُوۡحٰۤى اِلَىَّ مِنۡ رَّبِّىۡ ۚ هٰذَا بَصَآئِرُ مِنۡ رَّبِّكُمۡ وَهُدًى وَّ
رَحۡمَةٌ لِّقَوۡمٍ يُّؤۡمِنُوۡنَ ﴿٢٠٣﴾ وَاِذَا قُرِئَ الۡقُرۡاٰنُ فَاسۡتَمِعُوۡا
لَهٗ وَاَنۡصِتُوۡا لَعَلَّكُمۡ تُرۡحَمُوۡنَ ﴿٢٠٤﴾ وَاذۡكُرۡ رَّبَّكَ فِىۡ نَفۡسِكَ
تَضَرُّعًا وَّخِيۡفَةً وَّدُوۡنَ الۡجَهۡرِ مِنَ الۡقَوۡلِ بِالۡغُدُوِّ
وَالۡاٰصَالِ وَلَا تَكُنۡ مِّنَ الۡغٰفِلِيۡنَ ﴿٢٠٥﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ عِنۡدَ رَبِّكَ
لَا يَسۡتَكۡبِرُوۡنَ عَنۡ عِبَادَتِهٖ وَيُسَبِّحُوۡنَهٗ وَلَهٗ يَسۡجُدُوۡنَ ﴿٢٠٦﴾ السجدة

بيشڪ منهنجو مددگار اُهو الله آهي جنهن ڪتاب نازل ڪيو ۽ اُهو نيڪن کي مدد ڏيندو آهي (١٩٦). ۽ ان (الله) کان سواءِ جن کي سڏيندا آهيو سي اوهان کي ڪا مدد ڏيئي نه سگهندا آهن ۽ نڪي پاڻ کي مدد ڏيئي سگهندا آهن (١٩٧). ۽ جيڪڏهن اوهين اُنهن کي هدايت ڏانهن سڏيو ته ڪين ٻڌندا۔ ۽ ڪين ڏسندو آهين (ته جڻ) ته تو ڏانهن تڪين ٿا مگر اُهي ڏسندا ئي نه آهن (١٩٨). (اي پيغمبر) معافي ڏيڻ جي عادت ڪر ۽ چڱي ڪم ڪرڻ جو حڪم ڪر ۽ جاهلن کان منهن موڙ. (١٩٩). ۽ جيڪڏهن توکي شيطان کان ڪو وسوسو پوي ته الله کان پناه گهر۔ ڇو ته اُهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٢٠٠). جيڪي پرهيزگار آهن تن کي جڏهن شيطان کان ڪو وسوسو پهچندو آهي تڏهن الله کي ياد ڪندا آهن پوءِ اُهي اُنهيءَ ئي مهل (دانائيءَ واري نظر سان)ڏسندڙ ٿيندا آهن (٢٠١). ۽ اُنهن (شيطانن) جا ڀائر ڪين گمراهيءَ ۾ ڇڪيندا آهن وري نه گهٽائيندا آهن (٢٠٢). ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن وٽن ڪا آيت نه آڻيندو آهين (تڏهن) چوندا آهن ته (پاڻ) ڇو نه ٺاهيندو آهين؟ چؤ ته جيڪي مون ڏانهن پنهنجي پالڻهار جو وحي ٿيندو آهي تنهن کان سواءِ (ڪنهن جي) تابعداري نه ڪندو آهيان، هي (قرآن) اوهان جي پالڻهار وٽان سوجهرو ۽ هدايت ۽ ٻاجهه اُنهيءَ قوم لاءِ آهي جا مڃيندي آهي (٢٠٣). ۽ جڏهن قرآن پڙهيو وڃي (تڏهن) اُهو ڪن ڏيئي ٻڌو ۽ چپ ڪريو مانَ ٻاجهه ڪجيوَ (٢٠٤). ۽ پنهنجي پالڻهار کي پنهنجي دل ۾ عاجزيءَ ۽ ڀؤ سان وڏي آواز کان (ڪجهه) جهڪو صبح ۽ سانجهي جو ياد ڪر ۽ غافلن مان نه هج (٢٠٥). بيشڪ جيڪي تنهنجي پالڻهار وٽ (ويجها) آهن (سي) سندس عبادت کان وڏائي نه ڪندا آهن ۽ اُن جي پاڪائي بيان ڪندا آهن ۽ اُن کي سجدو ڪندا آهن (٢٠٦).

# سُوْرَةُ الْاَنْفَالِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْاَنْفَالِ ؕ قُلِ الْاَنْفَالُ لِلّٰهِ وَالرَّسُوْلِ ۚ فَاتَّقُوا
اللّٰهَ وَاَصْلِحُوْا ذَاتَ بَيْنِكُمْ ۪ وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗۤ اِنْ كُنْتُمْ
مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱﴾ اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَجِلَتْ
قُلُوْبُهُمْ وَاِذَا تُلِيَتْ عَلَيْهِمْ اٰيٰتُهٗ زَادَتْهُمْ اِيْمَانًا وَّعَلٰى
رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿۲﴾ ۚۖ الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَمِمَّا
رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿۳﴾ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّا ؕ لَهُمْ
دَرَجٰتٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَمَغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ﴿۴﴾ ۚ كَمَاۤ
اَخْرَجَكَ رَبُّكَ مِنْۢ بَيْتِكَ بِالْحَقِّ ۪ وَاِنَّ فَرِيْقًا مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ
لَكٰرِهُوْنَ ﴿۵﴾ ۙ يُجَادِلُوْنَكَ فِي الْحَقِّ بَعْدَمَا تَبَيَّنَ كَاَنَّمَا يُسَاقُوْنَ
اِلَى الْمَوْتِ وَهُمْ يَنْظُرُوْنَ ﴿۶﴾ ؕ وَاِذْ يَعِدُكُمُ اللّٰهُ اِحْدَى
الطَّآئِفَتَيْنِ اَنَّهَا لَكُمْ وَتَوَدُّوْنَ اَنَّ غَيْرَ ذَاتِ الشَّوْكَةِ
تَكُوْنُ لَكُمْ وَيُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّحِقَّ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ وَيَقْطَعَ دَابِرَ
الْكٰفِرِيْنَ ﴿۷﴾ ۙ لِيُحِقَّ الْحَقَّ وَيُبْطِلَ الْبَاطِلَ وَلَوْ كَرِهَ الْمُجْرِمُوْنَ ﴿۸﴾ ع

سورة انفال مدني آهي ۽ هي ۽
پنجهتر آيتون ۽ ڏهرڪوع آهي.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

(اي پيغمبر!) غنيمت جي مال بابت توکان پڇن ٿا، چؤ ته غنيمت جو مال الله ۽ پيغمبر جو آهي، پوءِ الله کان ڊڄو ۽ اوهين پنهنجو پاڻ ۾ ٺهراءُ ڪريو ۽ جيڪڏهن مؤمن آهيو ته الله ۽ سندس پيغمبر جي فرمانبرداري ڪريو (١). مؤمن اُهي ئي آهن جن جون دليون جڏهن الله ياد ڪيو ويندو آهي (تڏهن) ڏڄنديون آهن ۽ جڏهن سندس آيتون اُنهن کي پڙهي ٻڌائبيون آهن تڏهن اُهي سندن ايمان کي وڌائينديون آهن ۽ (اُهي) پنهنجي پالڻهار تي ڀروسو ڪندا آهن (٢). اُهي نماز پڙهندا آهن ۽ جيڪي کين رزق ڏنوسون تنهن مان خرچ ڪندا آهن (٣). اِهي ئي پڪا مؤمن آهن- اُنهن لاءِ سندن پالڻهار وٽ (وڏا) درجا ۽ بخشش ۽ چڱي روزي آهي (۴). تنهنجي اُنهيءَ پالڻهار (جو قسم آهي) جنهن توکي (مديني منجهان) تنهنجي گهر مان( ڪنهن مصلحت لاءِ) ٻاهر آندو، ۽ بيشڪ مؤمنن منجهان هڪ ٽولي ضرور ناراض هئي (٥). اُهي سچي ڳالهه بابت اُن جي پڌري ٿيڻ کان پوءِ (به) توسان گفتگو ڪندا رهيا ڄڻ ته اُهي (اکين سان) ڏسندي موت ڏانهن هڪليا وڃن ٿا (٦). ۽ (ياد ڪريو) جڏهن الله اوهان سان انجام ڪيو ته (ڪافرن جي) ٻن ٽولين مان هڪ اوهان کي هٿ لڳندي ۽ اوهان گهريو ٿي ته بي هٿيار (ٽولي) اوهان لاءِ هجي ۽ الله گهريو ٿي ته پنهنجي حڪم سان حق کي ثابت ڪري ۽ ڪافرن جي پاڙ هن لاءِ وڍي (٧). ته حق کي ثابت ڪري ۽ باطل کي ناس ڪري توڙيڪ مجرم (ڏوهاري) ناراض رهن (٨).

إِذْ تَسْتَغِيثُونَ رَبَّكُمْ فَاسْتَجَابَ لَكُمْ أَنِّي مُمِدُّكُم بِأَلْفٍ
مِّنَ الْمَلَائِكَةِ مُرْدِفِينَ ﴿٩﴾ وَمَا جَعَلَهُ اللَّهُ إِلَّا بُشْرَىٰ وَلِتَطْمَئِنَّ
بِهِ قُلُوبُكُمْ ۚ وَمَا النَّصْرُ إِلَّا مِنْ عِندِ اللَّهِ ۚ إِنَّ اللَّهَ عَزِيزٌ
حَكِيمٌ ﴿١٠﴾ إِذْ يُغَشِّيكُمُ النُّعَاسَ أَمَنَةً مِّنْهُ وَيُنَزِّلُ عَلَيْكُم
مِّنَ السَّمَاءِ مَاءً لِّيُطَهِّرَكُم بِهِ وَيُذْهِبَ عَنكُمْ رِجْزَ
الشَّيْطَانِ وَلِيَرْبِطَ عَلَىٰ قُلُوبِكُمْ وَيُثَبِّتَ بِهِ الْأَقْدَامَ ﴿١١﴾ إِذْ
يُوحِي رَبُّكَ إِلَى الْمَلَائِكَةِ أَنِّي مَعَكُمْ فَثَبِّتُوا الَّذِينَ آمَنُوا ۚ
سَأُلْقِي فِي قُلُوبِ الَّذِينَ كَفَرُوا الرُّعْبَ فَاضْرِبُوا فَوْقَ
الْأَعْنَاقِ وَاضْرِبُوا مِنْهُمْ كُلَّ بَنَانٍ ﴿١٢﴾ ذَٰلِكَ بِأَنَّهُمْ
شَاقُّوا اللَّهَ وَرَسُولَهُ ۚ وَمَن يُشَاقِقِ اللَّهَ وَرَسُولَهُ فَإِنَّ
اللَّهَ شَدِيدُ الْعِقَابِ ﴿١٣﴾ ذَٰلِكُمْ فَذُوقُوهُ وَأَنَّ لِلْكَافِرِينَ
عَذَابَ النَّارِ ﴿١٤﴾ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا إِذَا لَقِيتُمُ الَّذِينَ
كَفَرُوا زَحْفًا فَلَا تُوَلُّوهُمُ الْأَدْبَارَ ﴿١٥﴾ وَمَن يُوَلِّهِمْ يَوْمَئِذٍ
دُبُرَهُ إِلَّا مُتَحَرِّفًا لِّقِتَالٍ أَوْ مُتَحَيِّزًا إِلَىٰ فِئَةٍ فَقَدْ بَاءَ
بِغَضَبٍ مِّنَ اللَّهِ وَمَأْوَاهُ جَهَنَّمُ ۖ وَبِئْسَ الْمَصِيرُ ﴿١٦﴾

جڏهن پنهنجي پالڻهار کي فرياد ٿي ڪيوَ تہ (اُها) اوهان جي (فرياد) قبول ڪيائين (فرمايائين) تہ آءٌ لڳو لڳ هڪ ٻئي پٺيان ايندڙ هڪ هزار ملائڪن سان اوهان جي مدد ڪندڙ آهيان (٩). الله ان (مدد) کي رڳو خوشخبري ڪيو هو ۽ تہ اُن سان اوهان جيون دليون تسلي واريون ٿين۔ ۽ الله جي پار کان سواءِ (ٻئي هنڌان) مدد (ملڻي) نہ آهي۔ ڇو تہ الله غالب حڪمت وارو آهي (١٠). (ياد ڪريو) جنهن مهل پنهنجي طرف کان امن ڏيڻ لاءِ اوهان کي اونگهہ ڍڪايائين ۽ اوهان تي آسمان مان پاڻي هن لاءِ وسايائين تہ اُن سان اوهان کي (وهنجارائي) پاڪ ڪري ۽ اوهان کان شيطان جي پليتي پري ڪري ۽ اوهان جي دلين کي مضبوط ڪري ۽ اُن سان (اوهان جي) قدمن کي ڄمائي رکي (١١). (ياد ڪر) جڏهن تنهنجي پالڻهار ملائڪن ڏانهن وحي ڪيو تہ آءٌ اوهان ساڻ آهيان تنهن ڪري مؤمنن کي همٿايو۔ ڪافرن کي دل ۾ سگهو دهشت وجهندس پوءِ (اي مؤمنو!) گردنن تي ڌڪ هڻونِ ۽ اُنهن (جي آڱرين) جو سڀ ڪو سَنڌ ڀڃو(١٢). اِهو (حڪم) هن سببان آهي جو اُنهن الله ۽ سندس پيغمبر جي مخالفت ڪئي ۽ جيڪو الله ۽ سندس پيغمبر جي مخالفت ڪندو تہ بيشڪ الله سخت سزا (ڏيندڙ) آهي (١٣). اها(سزااوهين) چکو ۽ (پڪ ڄاڻو) تہ ڪافرن لاءِ باهہ جو عذاب آهي (١٤). اي مؤمنؤ! جڏهن (ويڙهہ ۾) ڪافرن جي مُڇي سان آمهون سامهون ٿيو تڏهن اُنهن کي پٺي ڏيئي نہ ڀڄو (١٥). ۽ اُنهيءَ ڏينهن لڙائي جي چال ڪندڙ يا (پنهنجي لشڪر جي) ڪنهن ٽوليءَ ڏانهن پاسي وٺندڙ کان سواءِ جيڪو اُنهن کي پٺي ڏيئي ڀڄندو سو بيشڪ الله جي ڏمر هيٺ آيو ۽ سندس جاءِ دوزخ آهي ۽ اُها بڇڙي جاءِ آهي (١٦).

فَلَمْ تَقْتُلُوْهُمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ قَتَلَهُمْ ۪ وَمَا رَمَيْتَ اِذْ رَمَيْتَ وَ
لٰكِنَّ اللّٰهَ رَمٰى ۚ وَلِيُبْلِيَ الْمُؤْمِنِيْنَ مِنْهُ بَلَآءً حَسَنًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ
سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۱۷﴾ ذٰلِكُمْ وَاَنَّ اللّٰهَ مُوْهِنُ كَيْدِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۱۸﴾ اِنْ
تَسْتَفْتِحُوْا فَقَدْ جَآءَكُمُ الْفَتْحُ ۚ وَاِنْ تَنْتَهُوْا فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ وَ
اِنْ تَعُوْدُوْا نَعُدْ ۚ وَلَنْ تُغْنِيَ عَنْكُمْ فِئَتُكُمْ شَيْـًٔا وَّلَوْ كَثُرَتْ ۙ
وَاَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۹﴾ ع يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَطِيْعُوا
اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَلَا تَوَلَّوْا عَنْهُ وَاَنْتُمْ تَسْمَعُوْنَ ﴿۲۰﴾ وَلَا
تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ قَالُوْا سَمِعْنَا وَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ ﴿۲۱﴾ ۚ اِنَّ
شَرَّ الدَّوَآبِّ عِنْدَ اللّٰهِ الصُّمُّ الْبُكْمُ الَّذِيْنَ لَا
يَعْقِلُوْنَ ﴿۲۲﴾ وَلَوْ عَلِمَ اللّٰهُ فِيْهِمْ خَيْرًا لَّاَسْمَعَهُمْ ؕ وَلَوْ
اَسْمَعَهُمْ لَتَوَلَّوْا وَّهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿۲۳﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا
اسْتَجِيْبُوْا لِلّٰهِ وَلِلرَّسُوْلِ اِذَا دَعَاكُمْ لِمَا يُحْيِيْكُمْ ۚ
وَاعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ يَحُوْلُ بَيْنَ الْمَرْءِ وَقَلْبِهٖ وَاَنَّهٗۤ اِلَيْهِ
تُحْشَرُوْنَ ﴿۲۴﴾ وَاتَّقُوْا فِتْنَةً لَّا تُصِيْبَنَّ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا
مِنْكُمْ خَآصَّةً ۚ وَاعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿۲۵﴾

پوءِ ڪين اوهان قتل نہ ڪيو پر ڪين الله قتل ڪيو آهي ۽ (اي پيغمبر) جڏهن تو (ڌوڙ جي مٺ) اُڇلي تڏهن (اُها) تو نہ اُڇلي پر الله اُڇلي۔ ۽ (هن لاءِ) تہ پاڻ وٽان مؤمنن کي (نعمت ڏيڻ سان) چڱيءَ طرح آزمائي، بيشڪ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (١٧). اِهو (حال) آهي ۽ الله ڪافرن جي مڪر کي ڪمزور ڪندڙ آهي (١٨). (اي ڪافرؤ!) جڏهن (بدر جي لڙائيءَ جي سنبرڻ مهل ڪفر ۽ اسلام جي سچائيءَ پرکڻ لاءِ) سوڀ گهريو تڏهن بيشڪ اوهان جي آڏو (اسلام کي) سوڀ آئي، ۽ جيڪڏهن اوهين (اسلام جي سچائي سمجهي ڪفر کان) بس ڪندؤ تہ اُهو اوهان لاءِ چڱو آهي، ۽ جيڪڏهن ٻيهر (ويڙهہ لاءِ) ايندؤ تہ وري (اسلام کي فتح) ڏينداسون، ۽ اوهان جو لشڪر جيتوڻيڪ گهڻو هوندو تہ بہ اوهان کان ڪجھ بہ نہ ٽاري سگهندو ۽ الله مؤمنن سان (ساڻ) آهي (١٩). اي ايمان وارؤ! الله ۽ سندس پيغمبر جي فرمانبرداري ڪريو ۽ اُن کان منهن نہ موڙيو حالانڪ اوهين (قرآن) ٻڌو ٿا (٢٠). ۽ اُنهن (ڪافرن ۽ منافقن) جهڙا نہ ٿيو جن چيو تہ ٻڌوسون ۽ اُهي نہ ٿا ٻڌن (٢١). الله وٽ (سڀني چرندڙ) ساهدارن مان بري ۾ برا (حق ٻڌڻ ۽ چوڻ کان) ٻوڙا ۽ گونگا آهن جي (ڪجھ بہ) نہ سمجهندا آهن (٢٢). ۽ جيڪڏهن الله منجهن ڪا چڱائي ڄاڻي ها تہ ضرور کين ٻڌائي ها ۽ جيڪڏهن کين ٻڌائي ها تہ(بہ)اُهي منهن موڙيندڙ ٿي ڦري وڃن ها (٢٣). اي مسلمانؤ! الله ۽ پيغمبر جو سڏ قبول ڪريو جڏهن (پيغمبر) اوهان کي هن لاءِ سڏي تہ اوهان (جي دلين) کي زندهہ ڪري، ۽ ڄاڻو تہ الله ماڻهو ۽ سندس دل جي وچ ۾ آڙ هوندو آهي ۽ يقيناً اوهين (سڀ) ڏانهس ئي گڏ ڪبؤ (٢۴). ۽ اُنهي فتني کان ڊڄو جو اوهان مان جن ظلم ڪيو ڇڙو تن کي (ئي) نہ پهچندو (بلڪ عام هوندو)، ۽ ڄاڻو تہ الله سخت سزا ڏيندڙ آهي (٢٥).

وَاذْكُرُوْٓا اِذْ اَنْتُمْ قَلِيْلٌ مُّسْتَضْعَفُوْنَ فِي الْاَرْضِ تَخَافُوْنَ
اَنْ يَّتَخَطَّفَكُمُ النَّاسُ فَاٰوٰىكُمْ وَاَيَّدَكُمْ بِنَصْرِهٖ وَرَزَقَكُمْ
مِّنَ الطَّيِّبٰتِ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٢٦﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا
تَخُوْنُوا اللّٰهَ وَالرَّسُوْلَ وَتَخُوْنُوْٓا اَمٰنٰتِكُمْ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٧﴾
وَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَآ اَمْوَالُكُمْ وَاَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ ۙ وَّاَنَّ اللّٰهَ
عِنْدَهٗٓ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿٢٨﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ تَتَّقُوا اللّٰهَ
يَجْعَلْ لَّكُمْ فُرْقَانًا وَّيُكَفِّرْ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ۭ وَ
اللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿٢٩﴾ وَاِذْ يَمْكُرُ بِكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا
لِيُثْبِتُوْكَ اَوْ يَقْتُلُوْكَ اَوْ يُخْرِجُوْكَ ۭ وَيَمْكُرُوْنَ وَيَمْكُرُ اللّٰهُ ۭ
وَاللّٰهُ خَيْرُ الْمٰكِرِيْنَ ﴿٣٠﴾ وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا قَالُوْا
قَدْ سَمِعْنَا لَوْ نَشَاۗءُ لَقُلْنَا مِثْلَ هٰذَآ ۙ اِنْ هٰذَآ اِلَّآ
اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٣١﴾ وَاِذْ قَالُوا اللّٰهُمَّ اِنْ كَانَ هٰذَا
هُوَ الْحَقَّ مِنْ عِنْدِكَ فَاَمْطِرْ عَلَيْنَا حِجَارَةً مِّنَ السَّمَاۗءِ
اَوِ ائْتِنَا بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿٣٢﴾ وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ وَاَنْتَ
فِيْهِمْ ۭ وَمَا كَانَ اللّٰهُ مُعَذِّبَهُمْ وَهُمْ يَسْتَغْفِرُوْنَ ﴿٣٣﴾

۽ (اي مڪي مان هجرت ڪندڙؤ ! سندس احسانن کي) ياد ڪريو جڏهن اوهين ٿورڙا (۽) هيٺا هيؤ ڌنؤ تي تہ متان (ڪافر)ماڻهو اوهان کي اُمالڪ اغوا ڪري وٺن پوءِ اوهان کي جاءِ (پناه) ڏنائين ۽ اوهان کي پنهنجي مدد سان قوت ڏنائين ۽ اوهان کي سٺين شين مان روزي ڏنائين تہ مانَ اوهين شڪرانو ڪريو (٢٦) . اي مؤمنؤ! الله ۽ پيغمبر جي خيانت نہ ڪريو ۽ اوهين ڄاڻي واڻي پاڻ ۾ (هڪ ٻئي جي) امانت جي خيانت (بہ) نہ ڪريو (٢٧) . ۽ ڄاڻو تہ اوهان جا مال ۽ اوهان جو اولاد رڳو (اوهان لاءِ) آزمائش آهن ۽ الله وٽ ئي وڏو اجر آهي (٢٨) . اي ايمان وارؤ جيڪڏهن الله کان ڊڄندا رهندؤ تہ اوهان لاءِ (اوهان جي دلين ۾ حق ۽ باطل کي) نکيڙيندڙ (نور) پيدا ڪندو ۽ اوهان جا گناه اوهان کان ٽاريندو ۽ اوهان کي بخشيندو ۽ الله وڏي فضل وارو آهي (٢٩) . ۽ (اي پيغمبر! ياد ڪر) جنهن مهل تو لاءِ ڪافرن رٿ ٿي ڪئي تہ توکي سوگهو ڪن يا توکي ڪهن يا توکي لوڏين- ۽ (اها بڇڙي) رٿ ڪيائون ٿي- ۽ الله (بہ) رٿ ڪئي ٿي ۽ الله بهتر رٿ ڪندڙ آهي (٣٠) . ۽ جڏهن اسان جون آيتون کين پڙهي ٻڌائجن ٿيون (تڏهن) چوندا آهن تہ ٻڌوسون، جيڪڏهن گهرون تہ اُنهيءَ جهڙو (اسين بہ) چئون، (پر)هي تہ رڳو اڳين جون آکاڻيون آهن (٣١) . ۽ (ياد ڪريو) جڏهن (ڪافرن) چيو تہ اي الله! جيڪڏهن هي (قرآن) تو وٽان حق آهي تہ اسان تي آسمان کان پٿر وساءِ يا ڪو اسان تي ڏکوئيندڙ عذاب آڻ (٣٢) . ۽ الله کي نہ جڳائيندو آهي جو تنهنجي منجهن هوندي کين عذاب ڪري- ۽ الله کي (هي بہ) نہ جڳائيندو آهي جو کين هن هوندي عذاب ڪري جو اُهي بخشش گهرندا هجن (٣٣) .

وَمَا لَهُمْ اَلَّا يُعَذِّبَهُمُ اللّٰهُ وَهُمْ يَصُدُّوْنَ عَنِ الْمَسْجِدِ
الْحَرَامِ وَمَا كَانُوْٓا اَوْلِيَآءَهٗ ؕ اِنْ اَوْلِيَآؤُهٗۤ اِلَّا الْمُتَّقُوْنَ
وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ۳۴ وَمَا كَانَ صَلَاتُهُمْ
عِنْدَ الْبَيْتِ اِلَّا مُكَآءً وَّتَصْدِيَةً ؕ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ
بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ۳۵ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُنْفِقُوْنَ
اَمْوَالَهُمْ لِيَصُدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ فَسَيُنْفِقُوْنَهَا ثُمَّ
تَكُوْنُ عَلَيْهِمْ حَسْرَةً ثُمَّ يُغْلَبُوْنَ ۬ؕ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا
اِلٰى جَهَنَّمَ يُحْشَرُوْنَ ۳۶ لِيَمِيْزَ اللّٰهُ الْخَبِيْثَ مِنَ الطَّيِّبِ وَ
يَجْعَلَ الْخَبِيْثَ بَعْضَهٗ عَلٰى بَعْضٍ فَيَرْكُمَهٗ جَمِيْعًا
فَيَجْعَلَهٗ فِيْ جَهَنَّمَ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ۳۷ قُلْ لِّلَّذِيْنَ
كَفَرُوْٓا اِنْ يَّنْتَهُوْا يُغْفَرْ لَهُمْ مَّا قَدْ سَلَفَ ۚ وَاِنْ يَّعُوْدُوْا
فَقَدْ مَضَتْ سُنَّتُ الْاَوَّلِيْنَ ۳۸ وَقَاتِلُوْهُمْ حَتّٰى لَا
تَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّيَكُوْنَ الدِّيْنُ كُلُّهٗ لِلّٰهِ ۚ فَاِنِ انْتَهَوْا
فَاِنَّ اللّٰهَ بِمَا يَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ۳۹ وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاعْلَمُوْٓا
اَنَّ اللّٰهَ مَوْلٰىكُمْ ؕ نِعْمَ الْمَوْلٰى وَنِعْمَ النَّصِيْرُ ۴۰

۽ ڪين ڇا (ٿيو) آهي جو الله ڪين (پيغمبر جي هجرت کان پوءِ) عذاب نہ ڪري هن هوندي جو مسجد الحرام کان (ماڻهن کي) جهليندا آهن حالانڪ اُن جا متولي نہ آهن- پرهيزگارن کان سواءِ ٻيو ڪو اُن جو متولي نہ آهي پر اُنهن مان گهڻا نہ ڄاڻندا آهن (٣٤). ۽ سندن نماز الله جي گهر وٽ سيٽين ۽ تاڙين هڻڻ کان سواءِ (ڪجهہ) نہ آهي- پوءِ اِنهي ڪري جو ڪفر ڪندا هُيؤ عذاب چکو (٣٥). (۽) ڪافر پنهنجا مال هن لاءِ خرچ ڪن ٿا تہ (ماڻهن کي) الله جي راهہ کان جهلين پوءِ اهي سگهو (پنهنجا مال) خرچ ڪندا وري (اُهو خرچڻ) مٿن حسرت ٿيندو وري هيٺا ٿيندا ۽ ڪافر دوزخ ڏانهن گڏ ڪيا ويندا (٣٦). تہ (جيئن) الله پليت کي پاڪ کان ڌار ڪري ۽ پليت کي هڪ ٻئي تي رکي پوءِ (کيس سڀني) هيڪاندو ڍير ڪري پوءِ اُن کي دوزخ ۾ وجهي- اِهي ئي خساري وارا آهن (٣٧). (اي پيغمبر!) ڪافرن کي چؤ تہ جيڪڏهن اوهين بس ڪندؤ تہ جو ڪجهہ گذريو سو کين بخشبو ۽ جيڪڏهن ٻيهر ويڙهہ ڪندا تہ بيشڪ اڳين جي (اها) عادت ٿي گذري آهي (٣٨). ۽ (اي مؤمنؤ!) اُنهن سان (ايستائين) لڙائي ڪريو جيستائين (ڪفر جو) فتنو نہ رهي ۽ سموري حڪومت رڳو الله جي ٿئي (يعني قانون الـهيءَ جو عمل هلي) پوءِ جيڪڏهن مُـڙي وڃـن تہ جيڪي ڪندا آهن سو الله ڏسندڙ آهـي (٣٩). ۽ جيڪڏهـن منهـن موڙيائون (۽ باز نہ آيا) تہ ڄاڻو تہ الله اوهان جو سنڀاليندڙ آهي ۽ اُهو ڀلو سنڀاليندڙ ۽ ڀلو مددگار آهي (٤٠).

وَاعْلَمُوا أَنَّمَا غَنِمْتُمْ مِنْ شَيْءٍ فَأَنَّ لِلَّهِ خُمُسَهُ وَ
لِلرَّسُولِ وَلِذِي الْقُرْبَىٰ وَالْيَتَامَىٰ وَالْمَسَاكِينِ وَابْنِ
السَّبِيلِ إِنْ كُنْتُمْ آمَنْتُمْ بِاللَّهِ وَمَا أَنْزَلْنَا عَلَىٰ عَبْدِنَا يَوْمَ
الْفُرْقَانِ يَوْمَ الْتَقَى الْجَمْعَانِ ۗ وَاللَّهُ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ ﴿٤١﴾
إِذْ أَنْتُمْ بِالْعُدْوَةِ الدُّنْيَا وَهُمْ بِالْعُدْوَةِ الْقُصْوَىٰ وَ
الرَّكْبُ أَسْفَلَ مِنْكُمْ ۚ وَلَوْ تَوَاعَدْتُمْ لَاخْتَلَفْتُمْ فِي
الْمِيعَادِ ۙ وَلَٰكِنْ لِيَقْضِيَ اللَّهُ أَمْرًا كَانَ مَفْعُولًا لِيَهْلِكَ
مَنْ هَلَكَ عَنْ بَيِّنَةٍ وَيَحْيَىٰ مَنْ حَيَّ عَنْ بَيِّنَةٍ ۗ وَإِنَّ
اللَّهَ لَسَمِيعٌ عَلِيمٌ ﴿٤٢﴾ إِذْ يُرِيكَهُمُ اللَّهُ فِي مَنَامِكَ قَلِيلًا ۖ
وَلَوْ أَرَاكَهُمْ كَثِيرًا لَفَشِلْتُمْ وَلَتَنَازَعْتُمْ فِي الْأَمْرِ
وَلَٰكِنَّ اللَّهَ سَلَّمَ ۗ إِنَّهُ عَلِيمٌ بِذَاتِ الصُّدُورِ ﴿٤٣﴾ وَ
إِذْ يُرِيكُمُوهُمْ إِذِ الْتَقَيْتُمْ فِي أَعْيُنِكُمْ قَلِيلًا وَيُقَلِّلُكُمْ
فِي أَعْيُنِهِمْ لِيَقْضِيَ اللَّهُ أَمْرًا كَانَ مَفْعُولًا ۗ وَإِلَى اللَّهِ
تُرْجَعُ الْأُمُورُ ﴿٤٤﴾ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا إِذَا لَقِيتُمْ فِئَةً
فَاثْبُتُوا وَاذْكُرُوا اللَّهَ كَثِيرًا لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُونَ ﴿٤٥﴾

۽ ڄاڻو ته جيڪو مال (غنيمت ڪافرن ڪان) اوهان جي هٿ ۾ آيو تنهن جو پنجون حصو الله ۽ پيغمبر ۽ (پيغمبر جي) عزيزن ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن لاءِ آهي. جيڪڏهن اوهان الله کي مڃيو آهي ۽ (پڻ) جيڪو (قرآن) پنهنجي ٻانهي (محمد ﷺ) تي فيصلي جي ڏينهن- جنهن ڏينهن ٻئي ٽوليون پاڻ ۾ (مد) مقابل ٿيون- نازل ڪيوسون (تنهن تي يقين رکندا آهيو ته ان حڪم تي عمل ڪريو)- ۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي (٤١). (اِهو اُهو وقت هو) جنهن مهل اوهين اوريئين پر ۾ هو پريئين پر هئا ۽ (قافلي جا) سوار اوهان کان هيٺين پر هئا، ۽ جيڪڏهن پاڻ ۾ (مقابلي لاءِ) انجام ڪريو ها ته ضرور(ان)انجام ۾ برخلاف ٿيو ها، پر هن لاءِ ته جيڪو ڪم الله کي ڪرڻو هو سو پورو ڪري (ته حق پڌرو ٿئي ۽) هن لاءِ ته جيڪو هلاڪ (گمراه) ٿئي سو چٽائيءَ کان پوءِ مري ته هلاڪ ٿئي ۽ جيڪو جيئرو ٿئي (يعني حق کي پروڙي) سو چٽائيءَ کان پوءِ پل ته جيئرو رهي- ۽ بيشڪ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٤٢). (ياد ڪريو) جنهن مهل الله تنهنجي خواب ۾ توکي اُهي (ڪافر) ٿورا ڏيکاريا- ۽ جيڪڏهن توکي اُهي گهڻا ڏيکاري ها ته ضرور بي همت ٿيو ها ۽ ضرور (اُن) ڪم ۾ هڪ ٻئي سان تڪرار ڪريو ها پر الله (اُن تڪرار کان اوهان کي) بچايو- ڇو ته اُهو سينن وارو (ڀيد) ڄاڻندڙ آهي (٤٣). ۽ (ياد ڪريو) جڏهن اوهين هڪ ٻئي جي سامهون ٿيؤ تڏهن (الله) اوهان جي اکين ۾ اُهي ٿورڙا ڪري ڏيکاريا تي ۽ اُنهن (ڪافرن) جي نگاهن ۾ اوهان کي ٿورڙا ڪري ڏيکاريائين تي هن لاءِ ته الله اُهو ڪم پورو ڪري جيڪو ڪرڻو هو ۽ الله ڏانهن (سڀ) ڪم موٽايا ويندا (٤٤). اي ايمان وارؤ! جڏهن ڪنهن (ڪافر) ٽوليءَ سان (جنگ ۾) مقابلو ڪريو تڏهن ثابت قدم رهو ۽ الله کي گهڻو ياد ڪريو ته مانَ اوهين ڪامياب ٿيو (٤٥).

وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَلَا تَنَازَعُوْا فَتَفْشَلُوْا وَتَذْهَبَ
رِيْحُكُمْ وَاصْبِرُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ۚ﴿۴۶﴾ وَلَا تَكُوْنُوْا
كَالَّذِيْنَ خَرَجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ بَطَرًا وَّرِئَآءَ النَّاسِ وَ
يَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا يَعْمَلُوْنَ مُحِيْطٌ ﴿۴۷﴾
وَاِذْ زَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ وَقَالَ لَا غَالِبَ لَكُمُ
الْيَوْمَ مِنَ النَّاسِ وَاِنِّيْ جَارٌ لَّكُمْ ۚ فَلَمَّا تَرَآءَتِ الْفِئَتٰنِ
نَكَصَ عَلٰى عَقِبَيْهِ وَقَالَ اِنِّيْ بَرِيْٓءٌ مِّنْكُمْ اِنِّيْٓ اَرٰى مَا لَا تَرَوْنَ
اِنِّيْٓ اَخَافُ اللّٰهَ ؕ وَاللّٰهُ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿۴۸﴾ ع اِذْ يَقُوْلُ
الْمُنٰفِقُوْنَ وَالَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ غَرَّ هٰٓؤُلَآءِ دِيْنُهُمْ ؕ
وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَاِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۴۹﴾ وَ
لَوْ تَرٰٓى اِذْ يَتَوَفَّى الَّذِيْنَ كَفَرُوا الْمَلٰٓئِكَةُ يَضْرِبُوْنَ
وُجُوْهَهُمْ وَاَدْبَارَهُمْ ۚ وَذُوْقُوْا عَذَابَ الْحَرِيْقِ ﴿۵۰﴾ ذٰلِكَ
بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْكُمْ وَاَنَّ اللّٰهَ لَيْسَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ۙ﴿۵۱﴾
كَدَاْبِ اٰلِ فِرْعَوْنَ ۙ وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ
فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ بِذُنُوْبِهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ قَوِيٌّ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿۵۲﴾

۽ الله ۽ سندس پيغمبر جي فرمانبرداري ڪريو ۽ پاڻ ۾ تڪرار نہ ڪريو نہ تہ ڪمزور ٿيندؤ ۽ اوهان جي (اتفاق جي) هوا هلي ويندي ۽ صبر ڪريو- چو تہ الله صابرن ساڻ آهي (٤٦) . ۽ اوهين اُنهن (بدر وارن ڪافرن) وانگر نہ ٿيو جيڪي پنهنجن ديسن مان لاڏ سان ۽ ماڻهن جي ڏيکاري لاءِ نڪتا ۽ الله جي واٽ کان جهلڻ لڳا- ۽ جيڪي ڪندا آهن تنهن کي الله گهيرو ڪندڙ آهي (٤٧) . ۽ جڏهن شيطان سندن ڪرتوت اُنهن لاءِ سينگاريا ۽ (ڪافرن کي) چيائين تہ اڄ ماڻهن مان ڪوبہ اوهان تي غالب (ٿيڻو) نہ آهي ۽ بيشڪ آءٌ اوهان جو پرجهلو آهيان. پوءِ جڏهن ٻئي لشڪر آمهون سامهون ٿيا تڏهن (شيطان) پنهنجين ڪڙين (پَر پوءِ) تي ڀڳو ۽ چيائين تہ آءٌ اوهان کان بيزار آهيان جيڪي اوهين نٿا ڏسو سو آءٌ ڏسان ٿو آءٌ الله کان ڊجان ٿو- ۽ الله سخت سزا ڏيندڙ آهي (٤٨) . (اُهو وقت ياد ڪريو) جنهن مهل منافقن ۽ جن جي دلين ۾ بيماري هئي تن چيو تہ هنن (مسلمانن) کي سندن دين ٺڳيو آهي- ۽ جيڪو الله تي ڀروسو ڪندو آهي تہ بيشڪ الله غالب حڪمت وارو آهي (٤٩) . (اي ڏسندڙ!) جيڪڏهن (اُنهيءَ مهل) ڏسين جنهن مهل ملائڪ ڪافرن جو ساهہ ڪڍندا آهن ۽ سندن منهن ۽ پٺين کي سَٽيندا ڪُٽيندا آهن (تہ عجب ڪرين!)، ۽ (چوندا اٿن تہ هاڻي) ساڙيندڙ عذاب (جو مزو) چکو (٥٠). اِهو هن سببان آهي جو جيڪي اوهان جي هٿن اڳي موڪليو آهي. ۽ يقيناً الله ٻانهن تي ظلم ڪندڙ نہ آهي (٥١). (اُنهن جو حال) فرعونين ۽ اُنهن جهڙو آهي جيڪي کانئن اڳ هئا- (جو) الله جي آيتن کي نہ مڃيائون پوءِ الله سندن گناهن سببان کين پڪڙيو- چو تہ الله سگهارو سخت سزا ڏيندڙ آهي (٥٢).

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ لَمْ يَكُ مُغَيِّرًا نِّعْمَةً اَنْعَمَهَا عَلٰى قَوْمٍ حَتّٰى
يُغَيِّرُوْا مَا بِاَنْفُسِهِمْ ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٥٣﴾ ۙ كَدَاْبِ اٰلِ
فِرْعَوْنَ ۙ وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ فَاَهْلَكْنٰهُمْ
بِذُنُوْبِهِمْ وَاَغْرَقْنَاۤ اٰلَ فِرْعَوْنَ ۚ وَكُلٌّ كَانُوْا ظٰلِمِيْنَ ﴿٥٤﴾
اِنَّ شَرَّ الدَّوَآبِّ عِنْدَ اللّٰهِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٥٥﴾ ۖ
اَلَّذِيْنَ عٰهَدْتَّ مِنْهُمْ ثُمَّ يَنْقُضُوْنَ عَهْدَهُمْ فِيْ كُلِّ
مَرَّةٍ وَّهُمْ لَا يَتَّقُوْنَ ﴿٥٦﴾ فَاِمَّا تَثْقَفَنَّهُمْ فِي الْحَرْبِ فَشَرِّدْ بِهِمْ
مَّنْ خَلْفَهُمْ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ﴿٥٧﴾ وَاِمَّا تَخَافَنَّ مِنْ قَوْمٍ
خِيَانَةً فَانْۢبِذْ اِلَيْهِمْ عَلٰى سَوَآءٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْخَآئِنِيْنَ ﴿٥٨﴾ ع
وَلَا يَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا سَبَقُوْا ؕ اِنَّهُمْ لَا يُعْجِزُوْنَ ﴿٥٩﴾ وَ
اَعِدُّوْا لَهُمْ مَّا اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ قُوَّةٍ وَّمِنْ رِّبَاطِ الْخَيْلِ
تُرْهِبُوْنَ بِهٖ عَدُوَّ اللّٰهِ وَعَدُوَّكُمْ وَاٰخَرِيْنَ مِنْ دُوْنِهِمْ ۚ
لَا تَعْلَمُوْنَهُمْ ۚ اَللّٰهُ يَعْلَمُهُمْ ؕ وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ شَيْءٍ فِيْ سَبِيْلِ
اللّٰهِ يُوَفَّ اِلَيْكُمْ وَاَنْتُمْ لَا تُظْلَمُوْنَ ﴿٦٠﴾ وَاِنْ جَنَحُوْا لِلسَّلْمِ
فَاجْنَحْ لَهَا وَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٦١﴾

اِهو هن ڪري جو الله، جا نعمت ڪنهن قوم کي عطا ڪندو آهي تنهن کي، (اُهو) ايستائين ڪڏهن نہ مٽائيندو آهي جيستائين جيڪي سندين دلين ۾ آهي سو (پاڻ نہ) مٽائيندا آهن ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٥٣). (اُنهن جو حال) فرعونين ۽ پڻ جيڪي کانئن اڳ هئا تن جهڙو آهي- (جو) پنهنجي پالڻهار جي آيتن کي ڪوڙ ڄاتائون تنهن ڪري اُنهن کي سندن گناهن سببان هلاڪ ڪيوسون ۽ فرعونين کي ٻوڙيوسون، ۽ مڙئي ظالم هئا (٥۴). (ڌرتيءَ تي چرندڙ) ساهدارن مان (سڀ کان) بڇڙا الله وٽ ڪافر آهن جو اُهي ايمان نہ ٿا آڻين (٥٥). اُنهن مان جن سان (صلح جو) انجام ڪيو اٿيئي سي وري هر ڀيري انجام ڀڃندا آهن ۽ اُهي نہ ڊڄندا آهن (٥٦). پوءِ جيڪڏهن لڙائي ۾ کين لهين تہ(اهڙي سزا ڏين جو کين ڏسي) جيڪي سندن پوئتان هجن تن کي ڀڄائين تہ مانَ اُهي ياد ڪن (٥٧). ۽ جيڪڏهن ڪنهن قوم جي (معاهدي ڀڃڻ جي) خيانت کان ڊڄين تہ اُنهن ڏانهن (سندن معاهدي پوري ٿيڻ مهل) بيزاريءَ جو اطلاع موڪل- ڇو تہ الله خيانت ڪندڙن کي دوست نہ رکندو آهي (٥٨). ۽ ڪافر (ائين) نہ ڀانئين تہ (ڪو) اڳ ڪڏائي ويا- پڪ اُهي نہ ٿڪائي سگهندا (٥٩). ۽ اُنهن لاءِ (لڙائي جي هٿيارن جي) سگهہ مان ۽ گهوڙن جي تيار رکڻ مان جيڪي ٿي سگهيوَ سو الله جي ويرين ۽ پنهنجي ويرين کي دهشت ڏيڻ لاءِ تيار رکو ۽ اُنهن کان سواءِ ٻيءَ قوم کي (بہ)، کين توهان نہ ڄاڻندا آهيو، اُنهن کي الله ڄاڻندو آهي- ۽ جيڪي ڪنهن شيءِ مان الله جي واٽ ۾ خرچ ڪندؤ سو اوهان کي پورو ڏبو ۽ اوهان کي (گهٽ ڏئي) ظلم نہ ڪبو (٦٠). ۽ جيڪڏهن صلح لاءِ لاڙو ڪن تہ (تون بہ) اُن ڏانهن لاڙو ڪر ۽ الله تي ڀروسو ڪر- ڇو تہ اُهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٦١).

وَاِنْ يُّرِيْدُوْٓا اَنْ يَّخْدَعُوْكَ فَاِنَّ حَسْبَكَ اللّٰهُ ؕ هُوَ الَّذِیْٓ
اَيَّدَكَ بِنَصْرِهٖ وَبِالْمُؤْمِنِيْنَ ۙ﴿۶۲﴾ وَاَلَّفَ بَيْنَ قُلُوْبِهِمْ ؕ لَوْ اَنْفَقْتَ
مَا فِی الْاَرْضِ جَمِيْعًا مَّآ اَلَّفْتَ بَيْنَ قُلُوْبِهِمْ ۙ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ
اَلَّفَ بَيْنَهُمْ ؕ اِنَّهٗ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۶۳﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّبِیُّ حَسْبُكَ اللّٰهُ وَ
مَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۶۴﴾ ع يٰۤاَيُّهَا النَّبِیُّ حَرِّضِ الْمُؤْمِنِيْنَ
عَلَى الْقِتَالِ ؕ اِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ عِشْرُوْنَ صٰبِرُوْنَ يَغْلِبُوْا
مِائَتَيْنِ ۚ وَاِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ مِّائَةٌ يَّغْلِبُوْٓا اَلْفًا مِّنَ الَّذِيْنَ
كَفَرُوْا بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ ﴿۶۵﴾ اَلْـٰٔنَ خَفَّفَ اللّٰهُ عَنْكُمْ
وَعَلِمَ اَنَّ فِيْكُمْ ضَعْفًا ؕ فَاِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ مِّائَةٌ صَابِرَةٌ يَّغْلِبُوْا
مِائَتَيْنِ ۚ وَاِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ اَلْفٌ يَّغْلِبُوْٓا اَلْفَيْنِ بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَ
اللّٰهُ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۶۶﴾ مَا كَانَ لِنَبِیٍّ اَنْ يَّكُوْنَ لَهٗٓ اَسْرٰی حَتّٰی
يُثْخِنَ فِی الْاَرْضِ ؕ تُرِيْدُوْنَ عَرَضَ الدُّنْيَا ۖ وَاللّٰهُ يُرِيْدُ
الْاٰخِرَةَ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۶۷﴾ لَوْلَا كِتٰبٌ مِّنَ اللّٰهِ سَبَقَ
لَمَسَّكُمْ فِيْمَآ اَخَذْتُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿۶۸﴾ فَكُلُوْا مِمَّا غَنِمْتُمْ
حَلٰلًا طَيِّبًا ۖ وَّاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۶۹﴾ ع

۽ جيڪڏهن توکي دوکي ڏيڻ جو ارادو ڪن تا تہ يقيناً تو لاءِ الله ڪافي آهي- ۽ اُهوئي آهي جنهن توکي پنهنجي مدد ۽ مؤمنن سان سگهہ ڏني (٦٢). ۽ اُنهن (مؤمنن) جي دلين کي جوڙيائين- جيڪي زمين ۾ آهي سو مڙيئي جيڪڏهن تون خرچين ها تہ سندن دلين کي جوڙي نہ سگهين ها! پر الله سندن وچ ۾ ميلاپ ڏنو- ڇو تہ اُهو غالب حڪمت وارو آهي (٦٣). اي پيغمبر! توکي الله ۽ پڻ مؤمنن مان جن تنهنجي تابعداري ڪئي سي ڪافي آهن (٦۴). اي پيغمبر! مؤمنن کي لڙائيءَ تي همٿاءِ- جيڪڏهن اوهان مان صبر وارا ويهہ (ڄڻا)آهن تہ ٻن سَوَن تي غالب ٿيندا، ۽ جيڪڏهن اوهان مان سؤ (ڄڻا) آهن تہ هزار ڪافرن تي غالب ٿيندا هن ڪري جو اُها اهڙي قوم آهي جا نہ سمجهندي آهي (٦٥). هاڻي الله اوهان تان بار هلڪو ڪيو ۽ اوهان ۾ ڪمزوري معلوم ڪيائين- تنهن ڪري جيڪڏهن اوهان مان صبر وارا سؤ (ڄڻا) هوندا تہ ٻن سون تي غالب ٿيندا، ۽ جيڪڏهن اوهان مان هزار هوندا تہ ٻن هزارن تي الله جي حڪم سان غالب ٿيندا- ۽ الله صابرن ساڻ آهي (٦٦). پيغمبر کي نہ ڄڳائيندو آهي جو (ڪافرن کي) قيد ۾ رکي (بلڪ کين قتل ڪري) ايتري تائين جو ملڪ ۾ (ڪافرن جي عام) خونريزي ڪري- (اوهين) دنيا جو سامان گهرندا آهيو ۽ الله آخرت (جو ثواب ڏيڻ) گهرندو آهي- ۽ الله غالب حڪمت وارو آهي (٦٧). جيڪڏهن (توهان کي عذاب نہ ڪرڻ تقدير ۾) اڳيئي نہ لکي ها تہ (جيڪر) اوهان جيڪي (فديو) ورتو تنهن ۾ اوهان کي ضرور وڏو عذاب پهچي ها (٦٨). پوءِ جيڪي اوهان مال غنيمت مان حاصل ڪريو سو پاڪ حلال (ڀانئي) کائو ۽ الله کان ڊڄو ڇو تہ الله بخشڻهار مهربان آهي (٦٩).

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّمَنْ فِيْۤ اَيْدِيْكُمْ مِّنَ الْاَسْرٰۤى اِنْ يَّعْلَمِ اللّٰهُ فِيْ
قُلُوْبِكُمْ خَيْرًا يُّؤْتِكُمْ خَيْرًا مِّمَّاۤ اُخِذَ مِنْكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ
رَّحِيْمٌ ﴿٧٠﴾ وَاِنْ يُّرِيْدُوْا خِيَانَتَكَ فَقَدْ خَانُوا اللّٰهَ مِنْ قَبْلُ
فَاَمْكَنَ مِنْهُمْ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٧١﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهَاجَرُوْا
وَجٰهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَالَّذِيْنَ اٰوَوْا
وَّنَصَرُوْۤا اُولٰٓئِكَ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا
وَلَمْ يُهَاجِرُوْا مَا لَكُمْ مِّنْ وَّلَايَتِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ حَتّٰى يُهَاجِرُوْا
وَاِنِ اسْتَنْصَرُوْكُمْ فِي الدِّيْنِ فَعَلَيْكُمُ النَّصْرُ اِلَّا عَلٰى قَوْمٍ
بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُمْ مِّيْثَاقٌ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٧٢﴾ وَالَّذِيْنَ
كَفَرُوْا بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ اِلَّا تَفْعَلُوْهُ تَكُنْ فِتْنَةٌ فِي الْاَرْضِ
وَفَسَادٌ كَبِيْرٌ ﴿٧٣﴾ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا فِيْ
سَبِيْلِ اللّٰهِ وَالَّذِيْنَ اٰوَوْا وَّنَصَرُوْۤا اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ
حَقًّا لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ﴿٧٤﴾ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْ بَعْدُ
وَهَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا مَعَكُمْ فَاُولٰٓئِكَ مِنْكُمْ وَاُولُوا الْاَرْحَامِ
ع بَعْضُهُمْ اَوْلٰى بِبَعْضٍ فِيْ كِتٰبِ اللّٰهِ اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٧٥﴾

اي پيغمبر! قيدين مان جيڪي اوهان جي هٿن ۾ آهن تن کي چؤ ته جيڪڏهن الله اوهان جي دلين ۾ ڪا چڱائي ڄاتي ته جيڪي اوهان کان ورتو ويو تنهن کان چڱو اوهان کي ڏيندو ۽ اوهان کي بخشيندو- ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (٧٠). ۽ جيڪڏهن توسان خيانت ڪرڻ گهرندا ته بيشڪ اڳ الله سان (به) خيانت ڪئي هئائون پوءِ (اوهان کي) اُنهن تي سگهارو ڪيائين ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (٧١). جن ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ پنهنجن مالن ۽ پنهنجن جانين سان الله جي واٽ ۾ جهاد ڪيو ۽ جن جاءِ ڏني ۽ مدد ڪئي اِهي هڪ ٻئي جا دوست آهن- ۽ جن ايمان آندو ۽ هجرت نه ڪئي تن جي دوستي مان اوهان کي ايستائين ڪجهه به (فائدو) نه آهي جيستائين هجرت (نه) ڪن، ۽ جيڪڏهن دين (جي ڪم) ۾ اوهان کان مدد گهرن ته اوهان کي اُنهي قوم کان سواءِ ٻيءَ قوم تي مدد ڏيڻ لازم آهي جن جو اوهان جي ۽ اُنهن جي وچ ۾ معاهدو ٿيل هجي ۽ جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي (٧٢). ۽ جيڪي ڪافر آهن تن مان هڪڙا ٻين جا سنگتي آهن پر (اي مسلمانؤ!) جيڪڏهن اوهين اُها (ڳالهه) نه ڪندؤ ته ملڪ ۾ فتنو ۽ وڏو فساد ٿيندو (٧٣). ۽ جن ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ الله جي واٽ ۾ جهاد ڪيو ۽ جن جاءِ (هجرت ڪندڙن کي) ڏني ۽ مدد ڪئي اِهي ئي پڪا مؤمن آهن- اُنهن لاءِ بخشش ۽ عزت واري روزي آهي (٧٤). ۽ جن (اُنهن کان) پوءِ ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ اوهان سان گڏ جهاد ڪيو سي به اوهان مان آهن. ۽ مائٽي وارا الله جي حڪم موجب (پاڻ ۾) هڪ ٻئي جا وڌيڪ حقدار آهن- ڇو ته الله سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي (٧٥).

# سورة التوبة

بَرَاۗءَةٌ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖۤ اِلَى الَّذِيْنَ عٰهَدْتُّمْ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ ۝١ؕ
فَسِيْحُوْا فِي الْاَرْضِ اَرْبَعَةَ اَشْهُرٍ وَّاعْلَمُوْۤا اَنَّكُمْ غَيْرُ مُعْجِزِي اللّٰهِ ۙ
وَاَنَّ اللّٰهَ مُخْزِي الْكٰفِرِيْنَ ۝٢ وَاَذَانٌ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖۤ اِلَى
النَّاسِ يَوْمَ الْحَجِّ الْاَكْبَرِ اَنَّ اللّٰهَ بَرِيْۤءٌ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ ۙ۬ وَ
رَسُوْلُهٗ ؕ فَاِنْ تُبْتُمْ فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ وَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَاعْلَمُوْۤا اَنَّكُمْ
غَيْرُ مُعْجِزِي اللّٰهِ ؕ وَبَشِّرِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ۝٣ۙ اِلَّا
الَّذِيْنَ عٰهَدْتُّمْ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ ثُمَّ لَمْ يَنْقُصُوْكُمْ شَيْـًٔا وَّلَمْ
يُظَاهِرُوْا عَلَيْكُمْ اَحَدًا فَاَتِمُّوْۤا اِلَيْهِمْ عَهْدَهُمْ اِلٰى مُدَّتِهِمْ ؕ
اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِيْنَ ۝٤ فَاِذَا انْسَلَخَ الْاَشْهُرُ الْحُرُمُ فَاقْتُلُوا
الْمُشْرِكِيْنَ حَيْثُ وَجَدْتُّمُوْهُمْ وَخُذُوْهُمْ وَاحْصُرُوْهُمْ
وَاقْعُدُوْا لَهُمْ كُلَّ مَرْصَدٍ ۚ فَاِنْ تَابُوْا وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَ
اٰتَوُا الزَّكٰوةَ فَخَلُّوْا سَبِيْلَهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝٥ وَاِنْ
اَحَدٌ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ اسْتَجَارَكَ فَاَجِرْهُ حَتّٰى يَسْمَعَ كَلٰمَ
اللّٰهِ ثُمَّ اَبْلِغْهُ مَاْمَنَهٗ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْلَمُوْنَ ۝٦ ع

سورة التوبہ مدني آهي ۽ هيءَ هڪ سؤ
اٺـتيھ آيتون ۽ سورهن رڪوع آهي

جن مشرڪن سان اوهان معاهدو ڪيو تن ڏانهن الله ۽ سندس پيغمبر جي پار کان (معاهدي کان) دستبرداري (جو اعلان) آهي (١). (اي مشرڪؤ! مسلمانن جي) ملڪ ۾ چار مهينا گهمو ڦرو ۽ ڄاڻو ته اوهين الله کي ٿڪائڻ وارا نه آهيو ۽ (ڄاڻو) ته الله ڪافرن کي خوار ڪرڻ وارو آهي (٢). ۽ وڏي حج جي ڏينهن الله ۽ سندس پيغمبر جي طرفان ماڻهن ڏانهن اعلان آهي ته الله ۽ سندس پيغمبر مشرڪن کان بيزار آهي پوءِ (اي مشرڪؤ!) جيڪڏهن (شرڪ کان) توبہ ڪندؤ ته اُها اوهان لاءِ ڀلي آهي، ۽ جيڪڏهن اوهين منهن ڦيرائيندؤ ته ڄاڻو ته اوهين الله کي ٿڪائڻ وارا نه آهيو۔ ۽ (اي پيغمبر!) ڪافرن کي ڏکوئيندڙ عذاب جي خبر ڏي (٣). پر مشرڪن مان جن سان معاهدو ڪيو هيوَ وري (اُنهن) اوهان سان (معاهدي ۾) ڪو قصور نه ڪيو ۽ نڪي اوهان تي ٻئي ڪنهن کي مدد ڏنائون تن جو (معاهدو) سندن مدت تائين ساڻن پورو ڪريو۔ بيشڪ الله پرهيزگارن کي دوست رکندو آهي (٤). پوءِ (جن مهينن ۾ لڙائي) حرام (ڪئي ويئي آهي سي) مهينا جڏهن پورا ٿين تڏهن مشرڪن کي جتي لهو تتي اُنهن کي قتل ڪريو ۽ اُنهن کي پڪڙيو ۽ اُنهن جو گهراءُ ڪريو ۽ سيني گهٽن تي اُنهن لاءِ (گهاٽ ۾) ويهو، پوءِ جيڪڏهن توبه ڪن ۽ نماز پڙهن ۽ زڪواة ڏين ته سندن واٽ ڇڏيو۔ ڇو ته الله بخشڻهار مهربان آهي (٥). ۽ جيڪڏهن مشرڪن مان ڪو هڪڙو تو کان اَمان گهري ته کيس اَمان ڏي جيستائين (هو) ڪلام الله ٻڌي پوءِ کيس سندس اَمن جي هنڌ پهچاءِ۔ اِهو هن ڪري جو اُها قوم اهڙي آهي جو نه ڄاڻندي آهي (٦).

كَيْفَ يَكُوْنُ لِلْمُشْرِكِيْنَ عَهْدٌ عِنْدَ اللّٰهِ وَعِنْدَ رَسُوْلِهٖٓ
اِلَّا الَّذِيْنَ عٰهَدْتُّمْ عِنْدَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۚ فَمَا اسْتَقَامُوْا
لَكُمْ فَاسْتَقِيْمُوْا لَهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِيْنَ ۝٧ كَيْفَ وَاِنْ
يَّظْهَرُوْا عَلَيْكُمْ لَا يَرْقُبُوْا فِيْكُمْ اِلًّا وَّلَا ذِمَّةً ؕ يُرْضُوْنَكُمْ
بِاَفْوَاهِهِمْ وَتَاْبٰى قُلُوْبُهُمْ ۚ وَاَكْثَرُهُمْ فٰسِقُوْنَ ۝٨ ۚ
اِشْتَرَوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ثَمَنًا قَلِيْلًا فَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِهٖ ؕ
اِنَّهُمْ سَآءَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۝٩ لَا يَرْقُبُوْنَ فِيْ مُؤْمِنٍ اِلًّا
وَّلَا ذِمَّةً ؕ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُعْتَدُوْنَ ۝١٠ فَاِنْ تَابُوْا وَاَقَامُوا
الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ فَاِخْوَانُكُمْ فِى الدِّيْنِ ؕ وَنُفَصِّلُ
الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ۝١١ وَاِنْ نَّكَثُوْٓا اَيْمَانَهُمْ
مِّنْۢ بَعْدِ عَهْدِهِمْ وَطَعَنُوْا فِيْ دِيْنِكُمْ فَقَاتِلُوْٓا
اَئِمَّةَ الْكُفْرِ ۙ اِنَّهُمْ لَآ اَيْمَانَ لَهُمْ لَعَلَّهُمْ
يَنْتَهُوْنَ ۝١٢ اَلَا تُقَاتِلُوْنَ قَوْمًا نَّكَثُوْٓا اَيْمَانَهُمْ
وَهَمُّوْا بِاِخْرَاجِ الرَّسُوْلِ وَهُمْ بَدَءُوْكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ ؕ
اَتَخْشَوْنَهُمْ ۚ فَاللّٰهُ اَحَقُّ اَنْ تَخْشَوْهُ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۝١٣

الله وٽ ۽ سندس پيغمبر وٽ مشركن لاءِ انجام ڪيئن ٿيندو؟ سواءِ اُنهن جي جن سان مسجد الحرام وٽ معاهدو ڪيو هيوَ، پوءِ اُهي جيستائين اوهان جي معاهدي تي قائم رهن تيستائين اوهين بہ اُنهن لاءِ (سندن معاهدي تي) قائم رهو- ڇو تہ الله پرهيزگارن كي دوست رکندو آهي (٧). ڪيئن (سندن معاهدو قائم رهندو؟) هوڏانهن جيڪڏهن اوهان تي غالب ٿين تہ اوهان بابت نہ ڪي مائٽي جو ۽ نہ ڪي معاهدي جو خيال رکن- اوهان كي پنهنجن (مٺين) زبانن سان راضي ڪندا آهن ۽ سندن دليون انڪاري آهن، ۽ منجهانئن گهڻا بي دين آهن (٨). الله جي آيتن كي ٿوري مله تي وڪيائون پوءِ (ماڻهن كي) سندس واٽ کان جهليائون- اُهي جيڪي ڪندا آهن سو بڇڙو آهي (٩). ڪنهن مؤمن بابت نڪي مائٽيءَ جو ۽ نڪي معاهدي جو خيال رکندا آهن. اهي ئي حد کان لنگهيل آهن (١٠). پوءِ جيڪڏهن (ڪفر کان) توبہ ڪن ۽ نماز پڙهن ۽ زڪواة ڏين تہ اوهان جا دين ۾ ڀائر آهن- ۽ جيڪي ماڻهو ڄاڻندا آهن تن لاءِ نشانيون کولي بيان ڪريون ٿا (١١). ۽ جيڪڏهن پنهنجن انجامن ڀڃڻ کان پوءِ پنهنجا قسم ڀڃن ۽ اوهان جي دين ۾ طعني بازي ڪن تہ ڪفر جي اڳواڻن سان جنگ ڪريو ڇو تہ اُنهن جو قَسم (اعتبار جوڳو) نہ آهي مانَ اُهي جهلجن (١٢). اهڙي قوم سان ڇو نہ ٿا وڙهو جن پنهنجن قسمن كي ڀڳو ۽ پيغمبر جي لوڏڻ لاءِ سنبريا ۽ منديئون اوهان سان (دشمني) ۾ پهل ڪرڻ لڳا؟ کانئن ڇو ٿا ڊڄو؟ جيڪڏهن مؤمن آهيو تہ الله (هن لاءِ) وڌيڪ حقدار آهي تہ کانئس ڊڄو (١٣).

قَاتِلُوْهُمْ يُعَذِّبْهُمُ اللّٰهُ بِاَيْدِيْكُمْ وَيُخْزِهِمْ وَيَنْصُرْكُمْ عَلَيْهِمْ
وَيَشْفِ صُدُوْرَ قَوْمٍ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٤﴾ وَيُذْهِبْ غَيْظَ قُلُوْبِهِمْ ؕ وَ
يَتُوْبُ اللّٰهُ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿١٥﴾ اَمْ حَسِبْتُمْ اَنْ
تُتْرَكُوْا وَلَمَّا يَعْلَمِ اللّٰهُ الَّذِيْنَ جٰهَدُوْا مِنْكُمْ وَلَمْ يَتَّخِذُوْا
مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلَا رَسُوْلِهٖ وَلَا الْمُؤْمِنِيْنَ وَلِيْجَةً ؕ وَاللّٰهُ خَبِيْرٌۢ
بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٦﴾ مَا كَانَ لِلْمُشْرِكِيْنَ اَنْ يَّعْمُرُوْا مَسٰجِدَ اللّٰهِ
شٰهِدِيْنَ عَلٰۤى اَنْفُسِهِمْ بِالْكُفْرِ ؕ اُولٰٓئِكَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ ۚۖ وَ
فِى النَّارِ هُمْ خٰلِدُوْنَ ﴿١٧﴾ اِنَّمَا يَعْمُرُ مَسٰجِدَ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ
وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَاَقَامَ الصَّلٰوةَ وَاٰتَى الزَّكٰوةَ وَلَمْ يَخْشَ اِلَّا اللّٰهَ
فَعَسٰۤى اُولٰٓئِكَ اَنْ يَّكُوْنُوْا مِنَ الْمُهْتَدِيْنَ ﴿١٨﴾ اَجَعَلْتُمْ سِقَايَةَ
الْحَآجِّ وَعِمَارَةَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ كَمَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ
الْاٰخِرِ وَجٰهَدَ فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ لَا يَسْتَوٗنَ عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَ
اللّٰهُ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٩﴾ اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ
هَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ ۙ
اَعْظَمُ دَرَجَةً عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفَآئِزُوْنَ ﴿٢٠﴾

اُنهن سان وڙهو تہ الله اوهان جي هٿان کين سزا ڏيندو ۽ کين خوار ڪندو ۽ اوهان کي مٿن سوڀ ڏيندو ۽ مؤمنن جي قوم جي سينن کي شفا بخشيندو (يعني ٺاريندو) (١۴). ۽ سندن دلين جي ڪاوڙ ختم ڪندو۔ ۽ الله جنهن لاءِ گهرندو تنهن تي ٻاجهہ سان موٽندو ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (١٥). ڀانئيندا آهيو ڇا تہ اوهان کي (جهاد جي تڪليف کان) ڇڏيو ويندو؟ ۽ حقيقت ڪري اوهان مان جن جهاد ڪيو ۽ الله ۽ سندس پيغمبر ۽ مؤمنن کان سواءِ (ٻيو) ڪو ڳجهو دوست (بہ) نہ ورتائون تن کي الله اڃان نہ نکيڙيو آهي۔ ۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي (١٦). پاڻ تي ڪفر جو اقراري ٿي، مشرڪن کي، الله جي مسجدين جي آباد ڪرڻ جو حق ئي نہ آهي۔ اِهي اُهي آهن جن جا اعمالَ ڇٽ ٿي ويا، ۽ اُهي باهہ ۾ سدائين رهڻ وارا آهن (١٧). الله جي مسجدين کي آباد ڪرڻ رڳو اُنهيءَ کي جڳائيندو آهي جنهن الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيو ۽ نماز پڙهي ۽ زڪواة ڏني ۽ الله کان سواءِ (ٻئي ڪنهن کان) نہ ڊنو۔ پوءِ اميد آهي تہ اِهي هدايت وارن مان آهن (١٨). اوهان جو حاجين کي پاڻي پيارڻ ۽ مسجدالحرام کي آباد رکڻ اُن (جي عملن) جهڙو آهي ڇا جنهن الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيو ۽ الله جي واٽ ۾ جهاد ڪيو؟ الله وٽ (هيءُ ۽ اهي) برابر نہ آهن۔ ۽ الله ظالم قوم کي هدايت نہ ڪندو آهي (١٩). جن ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ الله جي واٽ ۾ پنهنجن مالن ۽ پنهنجن جانين سان جهاد ڪيو سي الله وٽ مرتبي ۾ بلڪل وڏا آهن۔ ۽ اِهي ئي مراد ماڻڻ وارا آهن (٢٠).

يُبَشِّرُهُمْ رَبُّهُمْ بِرَحْمَةٍ مِّنْهُ وَرِضْوَانٍ وَّجَنّٰتٍ لَّهُمْ فِيْهَا
نَعِيْمٌ مُّقِيْمٌ ۙ﴿٢١﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗۤ اَجْرٌ
عَظِيْمٌ ﴿٢٢﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْۤا اٰبَآءَكُمْ وَ
اِخْوَانَكُمْ اَوْلِيَآءَ اِنِ اسْتَحَبُّوا الْكُفْرَ عَلَى الْاِيْمَانِ ؕ وَمَنْ
يَّتَوَلَّهُمْ مِّنْكُمْ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٢٣﴾ قُلْ اِنْ كَانَ
اٰبَآؤُكُمْ وَاَبْنَآؤُكُمْ وَاِخْوَانُكُمْ وَاَزْوَاجُكُمْ وَعَشِيْرَتُكُمْ وَ
اَمْوَالُ ۨاقْتَرَفْتُمُوْهَا وَتِجَارَةٌ تَخْشَوْنَ كَسَادَهَا وَ
مَسٰكِنُ تَرْضَوْنَهَآ اَحَبَّ اِلَيْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَ
جِهَادٍ فِيْ سَبِيْلِهٖ فَتَرَبَّصُوْا حَتّٰى يَاْتِيَ اللّٰهُ بِاَمْرِهٖ ؕ وَاللّٰهُ
لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿٢٤﴾ ع لَقَدْ نَصَرَكُمُ اللّٰهُ فِيْ
مَوَاطِنَ كَثِيْرَةٍ ۙ وَّيَوْمَ حُنَيْنٍ ۙ اِذْ اَعْجَبَتْكُمْ كَثْرَتُكُمْ
فَلَمْ تُغْنِ عَنْكُمْ شَيْــًٔا وَّضَاقَتْ عَلَيْكُمُ الْاَرْضُ بِمَا
رَحُبَتْ ثُمَّ وَلَّيْتُمْ مُّدْبِرِيْنَ ﴿٢٥﴾ ج ثُمَّ اَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ
عَلٰى رَسُوْلِهٖ وَعَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَاَنْزَلَ جُنُوْدًا لَّمْ تَرَوْهَا ۚ
وَعَذَّبَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ وَذٰلِكَ جَزَآءُ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٦﴾

اُنهن کي سندن پالڻهار پاڻ وٽان ٻاجھ ۽ راضپي ۽ اُنهن باغن جي خوشخبري ڏئي ٿو جن ۾ اُنهن لاءِ سدائين نعمتون آهن (٢١). منجهس سدائين رهڻ وارا آهن ڇو ته الله وٽ ئي وڏو اَجر آهي (٢٢). اي مؤمنؤ! پنهنجن پئرن ۽ پنهنجن ڀائرن کي دوست ڪري نه وٺو جيڪڏهن (اُهي) ڪفر کي ايمان کان پيارو رکن ته۔ ۽ جيڪي اوهان مان اُنهن سان دوستي ڪندا سي ئي ظالم آهن (٢٣). (اي پيغمبر!) چؤ ته جيڪڏهن اوهان جا پئر ۽ اوهان جا ڀائر ۽ اوهان جون زالون ۽ اوهان جا مائٽ ۽ اُهي مال جي اوهان ڪمايا آهن ۽ واپار جنهن جي بند ٿيڻ کان ڊڄو ٿا ۽ جايون جن کي پسند ڪريو ٿا سي اوهان کي الله ۽ سندس پيغمبر ۽ سندس واٽ ۾ جهاد ڪرڻ کان وڌيڪ پيارا آهن ته (ايستائين) ترسو جيستائين الله پنهنجو عذاب آڻي ۽ الله بي دين قوم کي سڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي (٢٤). بيشڪ الله اوهان کي گهڻن هنڌن ۾ سوڀ ڏني ۽ (پڻ جنگ) حُنين جي ڏينهن جو جڏهن اوهان جي گهڻائي اوهان کي عجب ۾ وڌو ۽ اوهان کان (اوهان جي گهڻائي) ڪجھ به ٽاري نه سگهي ۽ زمين پنهنجي ويڪرائي هوندي (به) اوهان تي سوڙهي ٿي ويئي پوءِ اوهين پٺيرا ٿي ڦريؤ (٢٥). وري الله پنهنجي پار کان سڪون پنهنجي پيغمبر تي ۽ مؤمنن تي لاٿو ۽ (ملائڪن جو) لشڪر لاٿائين جن کي نه ٿي ڏٺوَ ۽ ڪافرن کي سزا ڏنائين ۽ اها ڪافرن جي سزا آهي (٢٦).

ثُمَّ يَتُوبُ اللّٰهُ مِنْ بَعْدِ ذٰلِكَ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ
غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۲۷﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنَّمَا الْمُشْرِكُوْنَ
نَجَسٌ فَلَا يَقْرَبُوا الْمَسْجِدَ الْحَرَامَ بَعْدَ عَامِهِمْ هٰذَا ۚ وَ
اِنْ خِفْتُمْ عَيْلَةً فَسَوْفَ يُغْنِيْكُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖۤ اِنْ شَآءَ ؕ
اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿۲۸﴾ قَاتِلُوا الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ
وَلَا بِالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَلَا يُحَرِّمُوْنَ مَا حَرَّمَ اللّٰهُ وَ
رَسُوْلُهٗ وَلَا يَدِيْنُوْنَ دِيْنَ الْحَقِّ مِنَ الَّذِيْنَ
اُوْتُوا الْكِتٰبَ حَتّٰى يُعْطُوا الْجِزْيَةَ عَنْ يَّدٍ وَّهُمْ
صٰغِرُوْنَ ﴿۲۹﴾ ع وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ عُزَيْرُ ۨابْنُ اللّٰهِ وَقَالَتِ
النَّصٰرَى الْمَسِيْحُ ابْنُ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ قَوْلُهُمْ بِاَفْوَاهِهِمْ ۚ
يُضَاهِــُٔوْنَ قَوْلَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَبْلُ ؕ
قَاتَلَهُمُ اللّٰهُ ۚ اَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ﴿۳۰﴾ اِتَّخَذُوْۤا اَحْبَارَهُمْ
وَرُهْبَانَهُمْ اَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَالْمَسِيْحَ
ابْنَ مَرْيَمَ ۚ وَمَاۤ اُمِرُوْۤا اِلَّا لِيَعْبُدُوْۤا اِلٰهًا وَّاحِدًا ۚ
لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ سُبْحٰنَهٗ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿۳۱﴾

وري اُن کان پوءِ الله جنهن لاءِ وٽيس تنهن تي ٻاجھ سان موٽندو- ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (٢٧). اي مؤمنؤ! مشرڪ بس پليت آهن تنهن ڪري هن سال کان پوءِ مسجدالحرام جي ويجھو نہ وڃن، ۽ جيڪڏهن (اوهين) سڃائيءَ کان ڊڄندا آهيو تہ جيڪڏهن الله گھريو تہ پنهنجي فضل سان اوهان کي سگھوئي آسودو ڪندو- ڇو تہ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (٢٨). جن کي ڪتاب ڏنو ويو تن مان جيڪي الله کي ۽ قيامت جي ڏينهن کي نہ مڃيندا آهن ۽ نڪي الله ۽ سندس پيغمبرجي حرام ڪيل (شين) کي حرام ڪري ڄاڻندا آهن ۽ نڪي سچو دين قبول ڪندا آهن تن سان ايستائين وڙهو جيستائين (اُهي) ذليل ٿي پنهنجي هٿان جزيو ڏين (٢٩). ۽ يهودين چيو تہ عُزير الله جو پٽ آهي ۽ نصارن چيو تہ عيسيٰ الله جو پٽ آهي- اِهو سندن چوڻ سندن واتن سان آهي، اڳين ڪافرن جي چوڻ جهڙي ريس ڪندا آهن- الله مٿن لعنت ڪري، ڪيڏي جو ڪيڏي ڦُلايا ويندا آهن؟ (٣٠). پنهنجن عالمن ۽ پنهنجن فقيرن ۽ عيسيٰ پٽ مريم جي کي الله کان سواءِ پالڻهار ڪري ورتائون، ۽ هڪ الله جي عبادت ڪرڻ کان سواءِ کين ٻيو حڪم نہ ڪيو ويو آهي! اُن کان سواءِ ڪو عبادت جو لائق نہ آهي- جيڪي ساڻس شريڪ ڪندا آهن تنهن کان هو پاڪ آهي (٣١).

يُرِيدُونَ أَن يُطْفِـُٔوا نُورَ اللَّهِ بِأَفْوَاهِهِمْ وَيَأْبَى
اللَّهُ إِلَّا أَن يُتِمَّ نُورَهُ وَلَوْ كَرِهَ الْكَافِرُونَ ﴿٣٢﴾ هُوَ
الَّذِي أَرْسَلَ رَسُولَهُ بِالْهُدَىٰ وَدِينِ الْحَقِّ لِيُظْهِرَهُ
عَلَى الدِّينِ كُلِّهِ لا وَلَوْ كَرِهَ الْمُشْرِكُونَ ﴿٣٣﴾ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ
آمَنُوا إِنَّ كَثِيرًا مِّنَ الْأَحْبَارِ وَالرُّهْبَانِ لَيَأْكُلُونَ
أَمْوَالَ النَّاسِ بِالْبَاطِلِ وَيَصُدُّونَ عَن سَبِيلِ اللَّهِ ط
وَالَّذِينَ يَكْنِزُونَ الذَّهَبَ وَالْفِضَّةَ وَلَا يُنفِقُونَهَا فِي
سَبِيلِ اللَّهِ لا فَبَشِّرْهُم بِعَذَابٍ أَلِيمٍ ﴿٣٤﴾ يَوْمَ يُحْمَىٰ عَلَيْهَا
فِي نَارِ جَهَنَّمَ فَتُكْوَىٰ بِهَا جِبَاهُهُمْ وَجُنُوبُهُمْ وَظُهُورُهُمْ ط
هَٰذَا مَا كَنَزْتُمْ لِأَنفُسِكُمْ فَذُوقُوا مَا كُنتُمْ تَكْنِزُونَ ﴿٣٥﴾
إِنَّ عِدَّةَ الشُّهُورِ عِندَ اللَّهِ اثْنَا عَشَرَ شَهْرًا فِي
كِتَابِ اللَّهِ يَوْمَ خَلَقَ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضَ مِنْهَا
أَرْبَعَةٌ حُرُمٌ ط ذَٰلِكَ الدِّينُ الْقَيِّمُ لا فَلَا تَظْلِمُوا
فِيهِنَّ أَنفُسَكُمْ قف وَقَاتِلُوا الْمُشْرِكِينَ كَافَّةً كَمَا
يُقَاتِلُونَكُمْ كَافَّةً ط وَاعْلَمُوا أَنَّ اللَّهَ مَعَ الْمُتَّقِينَ ﴿٣٦﴾

۽ پنهنجن واتن سان الله جي نور کي وسائڻ گهرندا آهن ۽ الله پنهنجي نور کي پوري ڪرڻ کان سواءِ نہ رهندو جيتوڻيڪ ڪافر اُرها ڀائين (٣٢). اُهو (الله) آهي جنهن پنهنجي پيغمبر کي هدايت ۽ سچي دين سان هن لاءِ موڪليو تہ ان کي سڀني دينن تي غالب ڪري جيتوڻيڪ مشرڪ رنج ٿين (٣٣). اي ايمان وارؤ! اهل ڪتاب جي عالمن ۽ درويشن مان گهڻا ماڻهن جو مال ٺڳيءَ سان کائيندا آهن ۽ الله جي واٽ کان (ماڻهن کي) جهليندا آهن۔ ۽ جيڪي سون ۽ چاندي جو خزانو گڏ ڪندا آهن ۽ اُهو الله جي واٽ ۾ نہ خرچيندا آهن تن کي ڏکوئيندڙ عذاب جي خبر ڏي (٣٤). جنهن ڏينهن (سندس مال) دوزخ جي باھ ۾ تپائبو (جڏهن تپندو تہ) پوءِ اُن سان سندن پيشانيون ۽ سندن پاسريون ۽ سندن پٺيون ڏنڀبيون۔ (چئبن تہ) هيءُ اُهو (خزانو) آهي جيڪو پاڻ لاءِ گڏ ڪيو هيوَ (اُن جو مزو) چکو (٣٥). بيشڪ مهينن جو ڳاڻاٽو يقيناً ڪتاب الاهي ۾ الله وٽ ٻارهن مهينا آهي، جنهن ڏينهن کان آسمانن ۽ زمين کي بڻايائين، منجهانئس چار (مهينا) تعظيم وارا آهن۔ اِهو پڪو دين آهي تنهن ڪري اوهين پاڻ کي منجهن نقصان نہ لايو ۽ سڀني مشرڪن سان وڙهو جهڙي طرح اوهان سان سڀئي وڙهن ٿا۔ ۽ ڄاڻو تہ الله پرهيزگارن سان گڏ آهي (٣٦).

إِنَّمَا النَّسِيٓءُ زِيَادَةٌ فِي الْكُفْرِ يُضَلُّ بِهِ الَّذِينَ كَفَرُوا
يُحِلُّونَهُ عَامًا وَّيُحَرِّمُونَهُ عَامًا لِّيُوَاطِئُوا عِدَّةَ مَا حَرَّمَ
اللّٰهُ فَيُحِلُّوا مَا حَرَّمَ اللّٰهُ ؕ زُيِّنَ لَهُمْ سُوٓءُ أَعْمَالِهِمْ ؕ وَاللّٰهُ
لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْكٰفِرِينَ ﴿٣٧﴾ يٰٓأَيُّهَا الَّذِينَ اٰمَنُوا مَا لَكُمْ
إِذَا قِيلَ لَكُمُ انْفِرُوا فِي سَبِيلِ اللّٰهِ اثَّاقَلْتُمْ إِلَى الْأَرْضِ ؕ
أَرَضِيتُمْ بِالْحَيٰوةِ الدُّنْيَا مِنَ الْاٰخِرَةِ ۚ فَمَا مَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا
فِي الْاٰخِرَةِ إِلَّا قَلِيلٌ ﴿٣٨﴾ إِلَّا تَنْفِرُوا يُعَذِّبْكُمْ عَذَابًا أَلِيمًا ۙ
وَّيَسْتَبْدِلْ قَوْمًا غَيْرَكُمْ وَلَا تَضُرُّوهُ شَيْـًٔا ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى
كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ ﴿٣٩﴾ إِلَّا تَنْصُرُوهُ فَقَدْ نَصَرَهُ اللّٰهُ إِذْ أَخْرَجَهُ
الَّذِينَ كَفَرُوا ثَانِيَ اثْنَيْنِ إِذْ هُمَا فِي الْغَارِ إِذْ يَقُولُ
لِصَاحِبِهِ لَا تَحْزَنْ إِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا ۚ فَأَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِينَتَهُ
عَلَيْهِ وَأَيَّدَهُ بِجُنُودٍ لَّمْ تَرَوْهَا وَجَعَلَ كَلِمَةَ الَّذِينَ كَفَرُوا
السُّفْلٰى ؕ وَكَلِمَةُ اللّٰهِ هِيَ الْعُلْيَا ؕ وَاللّٰهُ عَزِيزٌ حَكِيمٌ ﴿٤٠﴾
انْفِرُوا خِفَافًا وَّثِقَالًا وَّجَاهِدُوا بِأَمْوَالِكُمْ وَأَنْفُسِكُمْ
فِي سَبِيلِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ إِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُونَ ﴿٤١﴾

تعظيم وارن مهينن جو اڳي پوءِ ڪرڻ رڳو ڪفر ۾ واڌارو آهي. اُن سان ڪافر ڀلايا ويندا آهن اُن (مهيني) کي هڪ سال حلال ڳڻين ٿا ۽ ٻئي سال اُن کي حرام ڀانئين ٿا هن لاءِ ته الله جي حرام ڪيلن مهينن جي ڳاڻاٽي جي پورائي ڪن. پوءِ جن کي الله حرام ڪيو آهي تن کي حلال ٿا ڪن- اُنهن لاءِ سندن بچڙا ڪرتوت سينگاريا ويا- ۽ الله ڪافرن جي قوم کي هدايت نه ڪندو آهي (٣٧). اي ايمان وارؤ! اوهان کي ڇا (ٿيو) آهي؟ جو جڏهن اوهان کي چئبو آهي ته الله جي واٽ ۾ (جهاد لاءِ) نڪرو تڏهن زمين ڏانهن ڳرا ٿي ڪرندا آهيو- آخرت جي بدران دنيا جي حياتيءَ سان راضي ٿيا آهيو ڇا؟ پوءِ دنيا جي حياتيءَ جو سامان آخرت (جي مقابلي) ۾ ٿورڙي کان سواءِ ڪجھ نه آهي (٣٨). جيڪڏهن نه نڪرندؤ ته اوهان کي ڏکوئيندڙ عذاب جي سزا ڏيندو ۽ اوهان کان سواءِ ٻي قوم مٽائي آڻيندو ۽ اوهين کيس ڪجھ ضرر نه رسائيندؤ- ۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وسوارو آهي (٣٩). جيڪڏهن پيغمبر کي مدد نه ڏيندؤ ته بيشڪ کيس الله مدد ڏني آهي جنهن مهل ڪافرن (مڪي مان) کيس لوڏيو، ٻن مان هڪڙو پاڻ هو، جڏهن ٻئي غار ۾ (اندر) هئا تڏهن پنهنجي سنگتيءَ کي چيائين ته اُلڪو نه ڪر ڇو ته الله اسان سان (گڏ) آهي، پوءِ الله مٿس پنهنجو سڪون لاٿو ۽ کيس اهڙي لشڪر سان مدد ڪيائين جو اُن کي اوهان نه ڏٺو ۽ ڪافرن جي ڳالھ کي هيٺ ڪيائين- ۽ الله جي ڳالھ (هميشه) مٿاهين آهي- ۽ الله غالب حڪمت وارو آهي (٤٠). (هر حال جنگ جي) ٿوري سامان ۽ گهڻي سامان سوڌا (جهاد لاءِ) نڪرو ۽ پنهنجن مالن ۽ پنهنجن جانين سان الله جي واٽ ۾ جهاد ڪريو- اِهو اوهان لاءِ ڀلو آهي جيڪڏهن ڄاڻندا آهيو (٤١).

لَوْ كَانَ عَرَضًا قَرِيْبًا وَّسَفَرًا قَاصِدًا لَّاتَّبَعُوْكَ
وَلٰكِنْۢ بَعُدَتْ عَلَيْهِمُ الشُّقَّةُ ؕ وَسَيَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ
لَوِ اسْتَطَعْنَا لَخَرَجْنَا مَعَكُمْ ۚ يُهْلِكُوْنَ اَنْفُسَهُمْ ۚ
وَاللّٰهُ يَعْلَمُ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿۴۲﴾ عَفَا اللّٰهُ عَنْكَ ۚ لِمَ
اَذِنْتَ لَهُمْ حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَكَ الَّذِيْنَ صَدَقُوْا وَتَعْلَمَ
الْكٰذِبِيْنَ ﴿۴۳﴾ لَا يَسْتَاْذِنُكَ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ
وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ اَنْ يُّجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ ؕ
وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالْمُتَّقِيْنَ ﴿۴۴﴾ اِنَّمَا يَسْتَاْذِنُكَ الَّذِيْنَ
لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَارْتَابَتْ قُلُوْبُهُمْ
فَهُمْ فِيْ رَيْبِهِمْ يَتَرَدَّدُوْنَ ﴿۴۵﴾ وَلَوْ اَرَادُوا الْخُرُوْجَ
لَاَعَدُّوْا لَهٗ عُدَّةً وَّلٰكِنْ كَرِهَ اللّٰهُ انْۢبِعَاثَهُمْ
فَثَبَّطَهُمْ وَقِيْلَ اقْعُدُوْا مَعَ الْقٰعِدِيْنَ ﴿۴۶﴾
لَوْ خَرَجُوْا فِيْكُمْ مَّا زَادُوْكُمْ اِلَّا خَبَالًا
وَّلَاْاَوْضَعُوْا خِلٰلَكُمْ يَبْغُوْنَكُمُ الْفِتْنَةَ ۚ
وَفِيْكُمْ سَمّٰعُوْنَ لَهُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿۴۷﴾

جيڪڏهن سامان سولو ۽ سفر هلڪو هجي ها تہ ضرور تنهنجي پٺيان لڳن ها پر مٿن پنڌ پري ٿيو- ۽ سگهوئي الله جو قسم کڻندا (چوندا تہ) جيڪڏهن اسين توفيق ساريون ها تہ اوهان سان گڏ نڪرون ها! پاڻ کي (منافقيءَ سببان) هلاڪ ڪن ٿا، ۽ الله ڄاڻي ٿو تہ اُهي ڪوڙا آهن (٤٢). الله توکي معاف ڪيو، ڪين ڇا لاءِ تو موڪل ڏني جيسين تو لاءِ سچا پڌرا ٿين ها ۽ (تون) ڪوڙن کي ڄاڻين ها (٤٣). جن الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيو آهي سي پنهنجن مالن ۽ پنهنجين جانين سان جهاد ڪرڻ ۾ توکان موڪل نہ ٿا گهرن- ۽ الله پرهيزگارن کي ڄاڻندڙ آهي (٤٤). اُنهن کان سواءِ ٻيو ڪو توکان موڪل نہ گهرندو جيڪي الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي نہ مڃيندا آهن ۽ سندن دليون شڪ ۾ پيل آهن پوءِ اُهي پنهنجي شڪ ۾ حيران آهن (٤٥). ۽ جيڪڏهن ٻاهر نڪرڻ گهرن ها تہ اُن لاءِ تياريءَ جو سامان تيار ڪن ها پر الله سندن (جهاد تي) وڃڻ پسند نہ ڪيو تنهن ڪري ڪين توفيق نہ ڏنائين ۽ چيو ويو تہ وهندڙن سان گڏ ويهي رهو (٤٦). جيڪڏهن اوهان ۾ (گڏجي) نڪرن ها تہ اوهان ۾ شرارت کان سواءِ ٻيو ڪجھ نہ وڌائين ها ۽ ضرور اوهان جو بگيڙ گهرندڙ ٿي اوهان جي وچ ۾ فساد وجهڻ لاءِ ڊوڙن ها! ۽ اوهان ۾ اُنهن جا (ڪي) جاسوس آهن- ۽ الله ظالمن کي ڄاڻندڙ آهي (٤٧).

لَقَدِ ابْتَغَوُا الْفِتْنَةَ مِنْ قَبْلُ وَقَلَّبُوْا لَكَ الْاُمُوْرَ
حَتّٰى جَآءَ الْحَقُّ وَظَهَرَ اَمْرُ اللّٰهِ وَهُمْ كٰرِهُوْنَ ﴿٤٨﴾
وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّقُوْلُ ائْذَنْ لِّيْ وَلَا تَفْتِنِّيْ ؕ اَلَا فِي
الْفِتْنَةِ سَقَطُوْا ؕ وَاِنَّ جَهَنَّمَ لَمُحِيْطَةٌۢ بِالْكٰفِرِيْنَ ﴿٤٩﴾
اِنْ تُصِبْكَ حَسَنَةٌ تَسُؤْهُمْ ۚ وَاِنْ تُصِبْكَ مُصِيْبَةٌ
يَّقُوْلُوْا قَدْ اَخَذْنَاۤ اَمْرَنَا مِنْ قَبْلُ وَيَتَوَلَّوْا وَّهُمْ
فَرِحُوْنَ ﴿٥٠﴾ قُلْ لَّنْ يُّصِيْبَنَاۤ اِلَّا مَا كَتَبَ اللّٰهُ لَنَا ۚ هُوَ
مَوْلٰنَا ۚ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿٥١﴾ قُلْ
هَلْ تَرَبَّصُوْنَ بِنَاۤ اِلَّاۤ اِحْدَى الْحُسْنَيَيْنِ ؕ وَنَحْنُ
نَتَرَبَّصُ بِكُمْ اَنْ يُّصِيْبَكُمُ اللّٰهُ بِعَذَابٍ مِّنْ عِنْدِهٖۤ
اَوْ بِاَيْدِيْنَا ۖ فَتَرَبَّصُوْۤا اِنَّا مَعَكُمْ مُّتَرَبِّصُوْنَ ﴿٥٢﴾ قُلْ
اَنْفِقُوْا طَوْعًا اَوْ كَرْهًا لَّنْ يُّتَقَبَّلَ مِنْكُمْ ؕ اِنَّكُمْ كُنْتُمْ قَوْمًا
فٰسِقِيْنَ ﴿٥٣﴾ وَمَا مَنَعَهُمْ اَنْ تُقْبَلَ مِنْهُمْ نَفَقٰتُهُمْ اِلَّاۤ
اَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَبِرَسُوْلِهٖ وَلَا يَاْتُوْنَ الصَّلٰوةَ
اِلَّا وَهُمْ كُسَالٰى وَلَا يُنْفِقُوْنَ اِلَّا وَهُمْ كٰرِهُوْنَ ﴿٥٤﴾

اُهي اڳ بيشڪ فساد جي فڪر ۾ هئا ۽ تو لاءِ بچڙيون صلاحون ڪندا رهيا تانجو مدد آئي ۽ الله جو حڪم غالب ٿيو ۽ اُهي ناراض هئا (۴٨). ۽ منجهائن ڪو چوي ٿو ته مون کي موڪل ڏي ۽ مون کي آزمائش ۾ نه وجهه. خبردار! (اُهي پاڻ) آزمائش ۾ ڪريل آهن. ۽ بيشڪ دوزخ ڪافرن کي گهيرو ڪندڙ آهي (۴٩). (اي پيغمبر!) جيڪڏهن توکي ڪو سهنج رسندو آهي ته کين ڏکيو لڳندو آهي، ۽ جيڪڏهن توکي ڪو اهنج پهچندو آهي ته چوندا آهن ته بيشڪ پنهنجو ڪم اڳيئي سنڀالي ورتو اٿئون ۽ اُهي سَرها ٿي ڦرندا آهن (٥٠). (اي پيغمبر!) چؤ ته جيڪي الله اسان لاءِ لکيو آهي تنهن کان سواءِ ٻيو ڪجهه اسان کي ڪڏهن نه پهچندو، اُهو اسان جو سنڀاليندڙ آهي، ۽ مؤمنن کي الله تي ڀروسو ڪرڻ جڳائي (٥١). (اي پيغمبر! منافقن کي) چؤ ته اوهين اسان لاءِ ٻن چڱاين مان هڪڙيءَ کان سواءِ انتظار نه ڪندا آهيو. ۽ اسين (به) اوهان لاءِ انتظار ڪندا آهيون ته الله پاڻ وٽان يا اسان جي هٿان اوهان کي سزا پهچائي پوءِ اوهين انتظار ڪريواسين (به) اوهان سان گڏ منتظر آهيون (٥٢). چؤ (ته اي منافقؤ!) سَرها ٿي توڙي ارها ٿي خرچ ڪريو ته به اوهان کان ڪڏهن قبول نه ڪبو. ڇو ته اوهين بي دين ٽولي آهيو (٥٣). ۽ کائن سندن خرچ جو قبول ڪرڻ هن کان سواءِ نه جهليو ويو ته اُهي الله ۽ سندس پيغمبر جا منڪر آهن ۽ نڪي آرس ڪرڻ کان سواءِ نماز پڙهندا آهن ۽ نڪي (الله جي واٽ ۾) رنج کان سواءِ خرچيندا آهن (٥۴).

فَلَا تُعۡجِبۡكَ اَمۡوَالُهُمۡ وَلَاۤ اَوۡلَادُهُمۡ ؕ اِنَّمَا يُرِيۡدُ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمۡ
بِهَا فِى الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا وَتَزۡهَقَ اَنۡفُسُهُمۡ وَهُمۡ كٰفِرُوۡنَ ۝٥٥
وَيَحۡلِفُوۡنَ بِاللّٰهِ اِنَّهُمۡ لَمِنۡكُمۡ ؕ وَمَا هُمۡ مِّنۡكُمۡ وَلٰكِنَّهُمۡ قَوۡمٌ
يَّفۡرَقُوۡنَ ۝٥٦ لَوۡ يَجِدُوۡنَ مَلۡجَاً اَوۡ مَغٰرٰتٍ اَوۡ مُدَّخَلًا
لَّوَلَّوۡا اِلَيۡهِ وَهُمۡ يَجۡمَحُوۡنَ ۝٥٧ وَمِنۡهُمۡ مَّنۡ يَّلۡمِزُكَ
فِى الصَّدَقٰتِ ۚ فَاِنۡ اُعۡطُوۡا مِنۡهَا رَضُوۡا وَاِنۡ لَّمۡ يُعۡطَوۡا
مِنۡهَاۤ اِذَا هُمۡ يَسۡخَطُوۡنَ ۝٥٨ وَلَوۡ اَنَّهُمۡ رَضُوۡا مَاۤ اٰتٰٮهُمُ اللّٰهُ
وَرَسُوۡلُهٗ ۙ وَقَالُوۡا حَسۡبُنَا اللّٰهُ سَيُؤۡتِيۡنَا اللّٰهُ مِنۡ فَضۡلِهٖ وَ
رَسُوۡلُهٗۤ ۙ اِنَّاۤ اِلَى اللّٰهِ رٰغِبُوۡنَ ۝٥٩ ع اِنَّمَا الصَّدَقٰتُ لِلۡفُقَرَآءِ
وَالۡمَسٰكِيۡنِ وَالۡعٰمِلِيۡنَ عَلَيۡهَا وَالۡمُؤَلَّفَةِ قُلُوۡبُهُمۡ وَفِى
الرِّقَابِ وَالۡغٰرِمِيۡنَ وَفِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ وَابۡنِ السَّبِيۡلِ ؕ فَرِيۡضَةً
مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيۡمٌ حَكِيۡمٌ ۝٦٠ وَمِنۡهُمُ الَّذِيۡنَ يُؤۡذُوۡنَ
النَّبِىَّ وَيَقُوۡلُوۡنَ هُوَ اُذُنٌ ؕ قُلۡ اُذُنُ خَيۡرٍ لَّكُمۡ يُؤۡمِنُ
بِاللّٰهِ وَيُؤۡمِنُ لِلۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَرَحۡمَةٌ لِّلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا
مِنۡكُمۡ ؕ وَالَّذِيۡنَ يُؤۡذُوۡنَ رَسُوۡلَ اللّٰهِ لَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ۝٦١

پوءِ توکي نکي سندن مال ۽ نکي سندن اولاد عجب ۾ وجهي- الله رڳو گهرندو اهي ته دنيا جي حياتيءَ ۾ اُن سان کين عذاب ڪري ۽ سندن ساهه ڪفر جي ئي حالت ۾ نڪري (٥٥). ۽ الله جو قسم کڻندا آهن ته اُهي اوهان منجهان آهن- ۽ (حقيقت ڪري) اُهي اوهان منجهان نه آهن پر اُها ڊڄڻي قوم آهي (٥٦). جيڪي ڪا پناهه جي جاءِ يا ڪي چُرون يا ڪو گهڙڻ جو هنڌ لهن ها ته اُن ڏانهن اُهي ڊوڙندائي ڦرن ها (٥٧). ۽ منجهائن ڪي اهڙا آهن جي صدقن (جي وراهڻ) ۾ تو کي طعنو هڻندا آهن پوءِ جيڪڏهن منجهانئس ڏجين ته سرها ٿيندا آهن ۽ جيڪڏهن منجهانئس نه ڏجين ته اُنهي ئي مهل ڪاوڙبا آهن (٥٨). ۽ الله ۽ سندس پيغمبر جيڪي کين ڏنو آهي تنهن تي جيڪڏهن راضي ٿين ها ۽ چون ها ته اسان کي الله ڪافي آهي اسان کي الله پنهنجي فضل سان ڏيندو ۽ سندس پيغمبر (به ڏيندو) اسين الله ڏانهن اميدوار آهيون (ته اُنهن لاءِ ڀلو هجي ها!) (٥٩). صدقا رڳو فقيرن ۽ مسڪينن ۽ ان جي اُگاڙي ڪندڙن ۽ جن (نئين مسلمانن) جون دليون (اسلام ڏانهن) جوڙڻيون آهن (تن لاءِ) ۽ ٻانهن جي آزاد ڪرڻ ۽ قرضين ۽ الله جي واٽ ۾ (جهاد ڪرڻ) ۽ مسافرن لاءِ آهن- (اهو) الله (جي پار) کان حڪم ٿيل آهي- ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (٦٠). ۽ منجهائن ڪي اهڙا آهن جي پيغمبر کي ايذائيندا آهن ۽ چوندا آهن ته هو پربڌڙيو آهي- چؤ ته اوهان لاءِ پر ٻڌڙيو ڀلو آهي الله کي مڃيندو آهي ۽ مؤمنن (جي صلاح) کي (به) مڃيندو آهي ۽ اوهان مان ايمان وارن لاءِ ٻاجهارو آهي- ۽ جيڪي الله جي پيغمبر کي ايذائيندا آهن تن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (٦١).

يَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ لَكُمْ لِيُرْضُوْكُمْ ۚ وَاللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗۤ
اَحَقُّ اَنْ يُّرْضُوْهُ اِنْ كَانُوْا مُؤْمِنِيْنَ ﴿٦٢﴾ اَلَمْ يَعْلَمُوْۤا
اَنَّهٗ مَنْ يُّحَادِدِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَاَنَّ لَهٗ نَارَ جَهَنَّمَ
خَالِدًا فِيْهَا ؕ ذٰلِكَ الْخِزْيُ الْعَظِيْمُ ﴿٦٣﴾ يَحْذَرُ الْمُنٰفِقُوْنَ
اَنْ تُنَزَّلَ عَلَيْهِمْ سُوْرَةٌ تُنَبِّئُهُمْ بِمَا فِيْ قُلُوْبِهِمْ ؕ
قُلِ اسْتَهْزِءُوْا ۚ اِنَّ اللّٰهَ مُخْرِجٌ مَّا تَحْذَرُوْنَ ﴿٦٤﴾ وَلَئِنْ
سَاَلْتَهُمْ لَيَقُوْلُنَّ اِنَّمَا كُنَّا نَخُوْضُ وَنَلْعَبُ ؕ قُلْ اَبِاللّٰهِ
وَاٰيٰتِهٖ وَرَسُوْلِهٖ كُنْتُمْ تَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٦٥﴾ لَا تَعْتَذِرُوْا قَدْ
كَفَرْتُمْ بَعْدَ اِيْمَانِكُمْ ؕ اِنْ نَّعْفُ عَنْ طَآئِفَةٍ مِّنْكُمْ
نُعَذِّبْ طَآئِفَةًۢ بِاَنَّهُمْ كَانُوْا مُجْرِمِيْنَ ﴿٦٦﴾ اَلْمُنٰفِقُوْنَ
وَالْمُنٰفِقٰتُ بَعْضُهُمْ مِّنْۢ بَعْضٍ ۘ يَاْمُرُوْنَ بِالْمُنْكَرِ
وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمَعْرُوْفِ وَيَقْبِضُوْنَ اَيْدِيَهُمْ ؕ نَسُوا
اللّٰهَ فَنَسِيَهُمْ ؕ اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿٦٧﴾ وَعَدَ اللّٰهُ
الْمُنٰفِقِيْنَ وَالْمُنٰفِقٰتِ وَالْكُفَّارَ نَارَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ
فِيْهَا ؕ هِيَ حَسْبُهُمْ ۚ وَلَعَنَهُمُ اللّٰهُ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ مُّقِيْمٌ ﴿٦٨﴾

اوهان لاءِ الله جو قسم کڻندا آهن تہ اوهان کي راضي ڪن، ۽ جيڪڏهن مؤمن آهن تہ الله ۽ سندس پيغمبر وڌيڪ حقدار آهي جو اُن کي راضي ڪن (٦٢). نہ ڄاڻندا آهن ڇا تہ جيڪو الله ۽ سندس پيغمبر جي مخالفت ڪندو تنهن لاءِ بيشڪ دوزخ جي باھ آهي؟ منجهس سدائين رهڻ وارو آهي- اِها وڏي خواري آهي (٦٣). منافق مسلمانن تي ڪنهن سورة جي لهڻ کان ڊڄن ٿا تہ جيڪي سندين دلين ۾ آهي سو متان مسلمانن کي ڄاڻائي- (اي پيغمبر! کين) چؤ تہ اوهين پيا ٺٺولي ڪريو، ڇو تہ جنهن کان ڊڄندا آهيو سو الله پڌرو ڪندڙ آهي (٦٤). ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن کائن پڇين تہ ضرور چوندا تہ بيشڪ ڪل ۽ راند ٿي ڪئي سون- (کين) چؤ تہ الله ۽ سندس آيتن ۽ سندس پيغمبر سان مسخري ڪيوَ ٿي ڇا؟ (٦٥). بهانو نہ ڪريو! بيشڪ ايمان کان پوءِ ڪفر ڪيو اَٿوَ- جيڪڏهن اوهان مان هڪ ٽوليءَ کان ٽرنداسون تہ ٻئي ٽوليءَ کي هن سببان سزا ڏينداسون جو اُهي ڏوهي هئا (٦٦). منافق ۽ منافقياڻيون هڪ ٻئي جهڙا آهن- (اُهي) مدَن ڪمن جو حڪم ڪندا آهن ۽ چڱن ڪمن کان جهليندا آهن ۽ پنهنجا هٿ (خيرات ڏيڻ کان) بند ڪندا آهن الله کي وساريائون تنهنڪري الله (بہ) کين وساريو- بيشڪ منافق ئي بي دين آهن (٦٧). الله منافقن ۽ منافقاڻين ۽ ڪافرن کي دوزخ جي باھ جو انجام ڏنو آهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن- اها کين ڪافي آهي، ۽ الله مٿن لعنت ڪئي آهي، ۽ انهن لاءِ هميشہ جو عذاب آهي (٦٨).

كَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ كَانُوْٓا اَشَدَّ مِنْكُمْ قُوَّةً وَّاَكْثَرَ
اَمْوَالًا وَّاَوْلَادًا ؕ فَاسْتَمْتَعُوْا بِخَلَاقِهِمْ فَاسْتَمْتَعْتُمْ
بِخَلَاقِكُمْ كَمَا اسْتَمْتَعَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ بِخَلَاقِهِمْ
وَخُضْتُمْ كَالَّذِيْ خَاضُوْا ؕ اُولٰٓئِكَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فِي
الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۚ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٦٩﴾ اَلَمْ يَاْتِهِمْ
نَبَاُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ قَوْمِ نُوْحٍ وَّعَادٍ وَّثَمُوْدَ ۙ۬ وَقَوْمِ
اِبْرٰهِيْمَ وَاَصْحٰبِ مَدْيَنَ وَالْمُؤْتَفِكٰتِ ؕ اَتَتْهُمْ رُسُلُهُمْ
بِالْبَيِّنٰتِ ۚ فَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيَظْلِمَهُمْ وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ
يَظْلِمُوْنَ ﴿٧٠﴾ وَالْمُؤْمِنُوْنَ وَالْمُؤْمِنٰتُ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ
بَعْضٍ يَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ
وَيُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَيُطِيْعُوْنَ اللّٰهَ
وَرَسُوْلَهٗ ؕ اُولٰٓئِكَ سَيَرْحَمُهُمُ اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٧١﴾
وَعَدَ اللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا
الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا وَمَسٰكِنَ طَيِّبَةً فِيْ جَنّٰتِ عَدْنٍ ؕ
وَرِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ اَكْبَرُ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿٧٢﴾ ع

اوهين (بہ) اهڙا ٿيا آهيو جيڪي اوهان کان اڳ هئا (اُهي) اوهان کان طاقت ۾ مال ۽ اولاد ۾ گهڻو وڌيڪ هئا- پوءِ پنهنجي نصيب آهر فائدو ورتائون پوءِ اوهان بہ پنهنجي نصيب آهر فائدو ورتو جهڙيءَ طرح اوهان کان اڳين پنهنجي نصيب آهر فائدو ورتو ۽ (اوهين بہ) اُنهن وانگر اجاين بحثن ۾ پئجي ويا آهيو جيئن اُهي اجاين بحثن ۾ پيا- اُنهن جي ڪمائي دنيا ۽ آخرت ۾ ناس ٿي، ۽ اُهي ئي خساري وارا آهن (٦٩). ڪائنن اڳين جي خبر نہ پهتي اُتن ڇا جي نوح ۽ عاد ۽ ثمود جي قوم ۽ ابراهيم جي قوم ۽ مَدين وارا ۽ اونڌي ٿيلن ڳوٺن وارا هئا؟ جو اُنهن ڏانهن سندن پيغمبر پڌرن معجزن سان آيا (تہ نہ مڃيائيون)، پوءِ الله جو شان نہ هو جو مٿن ظلم ڪري پر پاڻ تي ظلم ڪيائون ٿي (٧٠). ۽ مؤمن ۽ مومنياڻيون (پاڻ ۾) هڪ ٻئي جا مددگار آهن- چڱن ڪمن جو حڪمُ ڪندا آهن ۽ خراب ڪمن کان جهليندا آهن ۽ نماز کي قائم ڪندا آهن ۽ زڪواة ڏيندا آهن ۽ الله ۽ سندس پيغمبر جي فرمانبرداري ڪندا آهن- اِنهن تي الله سگهوئي ٻاجھ ڪندو- ڇو تہ الله غالب حڪمت وارو آهي (٧١). الله مؤمنن ۽ مؤمنياڻين سان بهشت جو انجام ڪيو آهي جنهن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن منجهس سدائين رهڻ وارا آهن ۽ (پڻ) هميشہ رهڻ وارن باغن ۾ چڱين جاين جو (انجام اٿن)- ۽ الله جو راضپو (سڀ کان) تمام وڏو آهي- اِها وڏي مراد ماڻڻ آهي (٧٢).

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ جَاهِدِ الْكُفَّارَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ وَاغْلُظْ عَلَيْهِمْ ؕ وَ
مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ؕ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿۷۳﴾ يَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ مَا قَالُوْا ؕ
وَلَقَدْ قَالُوْا كَلِمَةَ الْكُفْرِ وَكَفَرُوْا بَعْدَ اِسْلَامِهِمْ وَهَمُّوْا
بِمَا لَمْ يَنَالُوْا ۚ وَمَا نَقَمُوْۤا اِلَّاۤ اَنْ اَغْنٰىهُمُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ
مِنْ فَضْلِهٖ ۚ فَاِنْ يَّتُوْبُوْا يَكُ خَيْرًا لَّهُمْ ۚ وَاِنْ يَّتَوَلَّوْا
يُعَذِّبْهُمُ اللّٰهُ عَذَابًا اَلِيْمًا ۙ فِى الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۚ وَمَا لَهُمْ
فِى الْاَرْضِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ﴿۷۴﴾ وَمِنْهُمْ مَّنْ عٰهَدَ اللّٰهَ لَئِنْ
اٰتٰىنَا مِنْ فَضْلِهٖ لَنَصَّدَّقَنَّ وَلَنَكُوْنَنَّ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۷۵﴾
فَلَمَّاۤ اٰتٰىهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ بَخِلُوْا بِهٖ وَتَوَلَّوْا وَّهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿۷۶﴾
فَاَعْقَبَهُمْ نِفَاقًا فِيْ قُلُوْبِهِمْ اِلٰى يَوْمِ يَلْقَوْنَهٗ بِمَاۤ اَخْلَفُوا
اللّٰهَ مَا وَعَدُوْهُ وَبِمَا كَانُوْا يَكْذِبُوْنَ ﴿۷۷﴾ اَلَمْ يَعْلَمُوْۤا
اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ سِرَّهُمْ وَنَجْوٰىهُمْ وَاَنَّ اللّٰهَ عَلَّامُ
الْغُيُوْبِ ﴿۷۸﴾ ۚ اَلَّذِيْنَ يَلْمِزُوْنَ الْمُطَّوِّعِيْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ
فِى الصَّدَقٰتِ وَالَّذِيْنَ لَا يَجِدُوْنَ اِلَّا جُهْدَهُمْ
فَيَسْخَرُوْنَ مِنْهُمْ ؕ سَخِرَ اللّٰهُ مِنْهُمْ ۫ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۷۹﴾

اي پيغمبر! ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪر ۽ مٿن سختي ڪر- ۽ سندن جاءِ دوزخ آهي- ۽ اُها جاءِ بڇڙي آهي (٧٣) . الله جو قسم ڪڻندا آهن ته (پاڻ) نه چيو اٿن- ۽ بيشڪ ڪفر جو ڪلمو چيو اٿن ۽ پنهنجي اسلام (آڻڻ) کانپوءِ ڪفر ڪيائون ۽ جنهن ڪي پهچي نه سگهيا تنهن لاءِ زور لاتائون، ۽ اِهو اُنهن رڳو هن ڳاھ جو بدلو ڏنو جو الله پنهنجي فضل سان ۽ سندس رسول کين شاهوڪار ڪيو، پوءِ جيڪڏهن توبهه ڪن ته اُنهن لاءِ ڀَلي آهي، ۽ جيڪڏهن ڦرندا ته الله دنيا ۽ آخرت ۾ کين ڏکوئيندڙ عذاب سان سزا ڏيندو، ۽ ملڪ ۾ اُنهن لاءِ نه ڪو سنڀاليندڙ ۽ نه ڪو مددگار آهي (٧٤) . ۽ منجهانئن ڪي آهن جن الله سان انجام ڪيو آهي ته جيڪڏهن پنهنجي فضل سان اسان کي ڏنائين ته ضرور خيرات ڏينداسون ۽ ڀَلارن مان ٿينداسون (٧٥) . پوءِ جنهن مهل پنهنجي فضل سان کين مال ڏنائين ته اُن جي ڪنجوسائي ڪيائون ۽ اُهي منهن موڙيندڙ ٿي ڦريا (٧٦) . پوءِ (الله) سندن دلين ۾ کين سندن ملڻ جي ڏينهن تائين اِنهيءَ سببان منافقي لاڳو ڪري ڇڏي جو الله سان اُهو انجام نه پاڙيائون جيڪو ساڻس ڪيائون ۽ اِنهي سببان جو ڪوڙ چوندا رهيا (٧٧) . نه ڄاڻندا آهن ڇا ته الله سندن ڳجها ۽ سندن پڌرا (سخن) ۽ سندن ڳجهيون صلاحون ڄاڻندو آهي ۽ بيشڪ الله وڏو ڳجھ ڄاڻندڙ آهي؟ (٧٨) . اِهي اهڙا آهن جو صدقي ڏيندڙن مؤمنن جي صدقي ڏيڻ ۾ طعنا هڻندا آهن ۽ اُنهن کي (به طعنا هڻندا آهن) جيڪي (مزدوري ڪرڻ جي) محنت کان سواءِ ڪجھ نه لهندا آهن ۽ اُنهن سان مسخريون ڪندا آهن- الله (به) سندن مسخرين جو کين بدلو ڏيندو ۽ اُنهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (٧٩) .

اِسْتَغْفِرْ لَهُمْ اَوْ لَا تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ ؕ اِنْ تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ سَبْعِیْنَ مَرَّةً
فَلَنْ یَّغْفِرَ اللّٰهُ لَهُمْ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ ؕ
وَ اللّٰهُ لَا یَهْدِی الْقَوْمَ الْفٰسِقِیْنَ ﴿۸۰﴾ فَرِحَ الْمُخَلَّفُوْنَ بِمَقْعَدِهِمْ
خِلٰفَ رَسُوْلِ اللّٰهِ وَ كَرِهُوْۤا اَنْ یُّجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَ اَنْفُسِهِمْ
فِیْ سَبِیْلِ اللّٰهِ وَ قَالُوْا لَا تَنْفِرُوْا فِی الْحَرِّ ؕ قُلْ نَارُ جَهَنَّمَ اَشَدُّ
حَرًّا ؕ لَوْ كَانُوْا یَفْقَهُوْنَ ﴿۸۱﴾ فَلْیَضْحَكُوْا قَلِیْلًا وَّ لْیَبْكُوْا كَثِیْرًا ۚ
جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا یَكْسِبُوْنَ ﴿۸۲﴾ فَاِنْ رَّجَعَكَ اللّٰهُ اِلٰى طَآىِٕفَةٍ
مِّنْهُمْ فَاسْتَاْذَنُوْكَ لِلْخُرُوْجِ فَقُلْ لَّنْ تَخْرُجُوْا مَعِیَ اَبَدًا
وَّ لَنْ تُقَاتِلُوْا مَعِیَ عَدُوًّا ؕ اِنَّكُمْ رَضِیْتُمْ بِالْقُعُوْدِ اَوَّلَ مَرَّةٍ
فَاقْعُدُوْا مَعَ الْخٰلِفِیْنَ ﴿۸۳﴾ وَ لَا تُصَلِّ عَلٰۤى اَحَدٍ مِّنْهُمْ مَّاتَ
اَبَدًا وَّ لَا تَقُمْ عَلٰى قَبْرِهٖ ؕ اِنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ مَاتُوْا
وَ هُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿۸۴﴾ وَ لَا تُعْجِبْكَ اَمْوَالُهُمْ وَ اَوْلَادُهُمْ ؕ اِنَّمَا یُرِیْدُ
اللّٰهُ اَنْ یُّعَذِّبَهُمْ بِهَا فِی الدُّنْیَا وَ تَزْهَقَ اَنْفُسُهُمْ وَ هُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿۸۵﴾
وَ اِذَاۤ اُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ اَنْ اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ جَاهِدُوْا مَعَ رَسُوْلِهِ
اسْتَاْذَنَكَ اُولُوا الطَّوْلِ مِنْهُمْ وَ قَالُوْا ذَرْنَا نَكُنْ مَّعَ الْقٰعِدِیْنَ ﴿۸۶﴾

اُنهن لاءِ بخشش گهرين يا اُنهن لاءِ بخشش نہ گهرين. جيڪڏهن اُنهن لاءِ ستر ڀيرا بخشش گهرين تہ بہ الله اُنهن کي نہ بخشيندو. اِهو هن سببان آهي جو اُنهن الله ۽ سندس پيغمبر کي نہ مڃيو. ۽ الله بي دين قوم کي هدايت نہ ڪندو آهي (٨٠). الله جي پيغمبر جي (جهاد تي) وڃڻ کان پوءِ پٺ تي رهندڙ پنهنجي (رهجي) ويهڻ تي خوش ٿيا ۽ پنهنجن مالن ۽ پنهنجن جانين سان الله جي واٽ ۾ جهاد ڪرڻ ناپسند ڪيائون ۽ پاڻ ۾ چيائون تہ گرميءَ ۾ (جهاد لاءِ) نہ نڪرو! (اي پيغمبر! ڪين) چؤ تہ دوزخ جي باھ ڏاڍي گرم آهي. جيڪڏهن سمجهن ها (تہ ائين نہ ڪن ها) (٨١). پوءِ ٿورو کلڻ گهرجين ۽ گهڻو روئڻ گهرجين، اُنهن (اعمالن) جي بدلي ۾ جو جيڪي ڪندا آهن (٨٢). پوءِ جيڪڏهن الله توکي منجهائن ڪنهن ٽوليءَ ڏانهن موٽائي نئي تہ نڪرڻ لاءِ توکان موڪلائيندا پوءِ چؤ تہ مون سان ڪڏهن بہ نہ نڪرندؤ ۽ مون سان گڏجي ڪنهن دشمن سان ڪڏهن بہ نہ وڙهندؤ. ڇو تہ اوهين پهريون ڀيرو ويهڻ سان راضي ٿيؤ تنهن ڪري (هاڻي بہ) پوئتي ويهندڙن سان گڏجي ويهو (٨٣). ۽منجهائن جيڪو مري تنهن تي بلڪل نماز نہ پڙھ ۽ نڪي سندس قبر تي بيھ بيشڪ اُنهن الله ۽ سندس پيغمبر کي نہ مڃيو ۽ اُهي بي دين ٿي مُئا (٨٤). ۽ تون سندن مال ۽ سندن اولاد تي عجب نہ ڪر. الله گهرندو آهي تہ اُن جي سببان دنيا ۾ ئي کين عذاب ڪري ۽ سندن ساھ ڪفر جي ئي حالت ۾ نڪرن (٨٥). ۽جيڪڏهن ڪا سورة (هن لاءِ) نازل ڪئي ويندي آهي تہ الله کي مڃيو ۽ سندس پيغمبر سان گڏجي جهاد ڪريو تہ منجهائن آسودا توکان موڪلائيندا آهن ۽ چوندا آهن تہ اسان کي ڇڏ تہ ويٺلن سان گڏ رهون (٨٦).

رَضُوا بِأَن يَكُونُوا مَعَ الْخَوَالِفِ وَطُبِعَ عَلَىٰ قُلُوبِهِمْ
فَهُمْ لَا يَفْقَهُونَ ﴿٨٧﴾ لَٰكِنِ الرَّسُولُ وَالَّذِينَ آمَنُوا مَعَهُ
جَاهَدُوا بِأَمْوَالِهِمْ وَأَنفُسِهِمْ ۚ وَأُولَٰئِكَ لَهُمُ الْخَيْرَاتُ ۖ
وَأُولَٰئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُونَ ﴿٨٨﴾ أَعَدَّ اللَّهُ لَهُمْ جَنَّاتٍ تَجْرِي مِن
تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ خَالِدِينَ فِيهَا ۚ ذَٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيمُ ﴿٨٩﴾ وَ
جَاءَ الْمُعَذِّرُونَ مِنَ الْأَعْرَابِ لِيُؤْذَنَ لَهُمْ وَقَعَدَ الَّذِينَ
كَذَبُوا اللَّهَ وَرَسُولَهُ ۚ سَيُصِيبُ الَّذِينَ كَفَرُوا مِنْهُمْ
عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿٩٠﴾ لَّيْسَ عَلَى الضُّعَفَاءِ وَلَا عَلَى الْمَرْضَىٰ وَلَا
عَلَى الَّذِينَ لَا يَجِدُونَ مَا يُنفِقُونَ حَرَجٌ إِذَا نَصَحُوا لِلَّهِ وَ
رَسُولِهِ ۚ مَا عَلَى الْمُحْسِنِينَ مِن سَبِيلٍ ۚ وَاللَّهُ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿٩١﴾
وَلَا عَلَى الَّذِينَ إِذَا مَا أَتَوْكَ لِتَحْمِلَهُمْ قُلْتَ لَا أَجِدُ
مَا أَحْمِلُكُمْ عَلَيْهِ تَوَلَّوا وَّأَعْيُنُهُمْ تَفِيضُ مِنَ الدَّمْعِ
حَزَنًا أَلَّا يَجِدُوا مَا يُنفِقُونَ ﴿٩٢﴾ إِنَّمَا السَّبِيلُ عَلَى الَّذِينَ
يَسْتَأْذِنُونَكَ وَهُمْ أَغْنِيَاءُ ۚ رَضُوا بِأَن يَكُونُوا
مَعَ الْخَوَالِفِ وَطَبَعَ اللَّهُ عَلَىٰ قُلُوبِهِمْ فَهُمْ لَا يَعْلَمُونَ ﴿٩٣﴾

ويـئـلـن (عورتن) سان گڏ هجڻ ۾ راضي ٿـيا ۽ سندين دلـين تي مُهر هنئي وئي پوءِ اُهي نہ سمجھندا آهن (٨٧) . پر پيغمبر ۽ جن ساڻس ايمان آندو تن پنهنجن مالن ۽ پنهنجين جندن سان جهاد ڪيو- ۽ اهي اُهي آهن جن لاءِ ڀلايون آهن ۽ اِهي ئي ڇـٽـل آهن (٨٨) . اُنهن لاءِ الله اهڙا باغ تيار ڪيا آهن جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن منجهن سدائين رهڻ وارا آهن- اِها وڏي مراد ماڻڻ آهي (٨٩) . ۽ بَدوين مان بهاني ڪرڻ وارا آيا تہ ڪيـن مـوڪـل ڏني وڃي، ۽ جن الله ۽ سندس پيغمبر کي ڪوڙو ڄاتو سي ويـهي رهـيا- منجهانئن ڪافرن کي ڏکوئيندڙ عذاب سگهوئي پهچندو (٩٠) . نڪي هيڻن تي ۽ نڪي بيمارن تي ۽ نڪي اُهي جو جيڪي خرچين سو نہ ٿا لهن تن تي ڪو گناه آهي جڏهن تہ الله ۽ سندس پيغمبر جا خيرخواه هجن ڀلارن تي ڪو ڏوراپو نہ آهي- ۽ الله بخشڻھار مهربان آهي (٩١) . ۽ نڪي اُنهن تي (ڪو گناه آهي) جي جڏهن تو وٽ آيا تہ ڪين (سواريءَ تي) چاڙهين (۽ تون) چَين تہ (ڪا سواري) نہ ٿو لهان جنهن تي اوهان کي چاڙهيان تڏهن اُهي موٽيا ۽ هن ڏک کان سندين اکيون هنجون هاريندڙ هيون تہ جيڪي (الله جي واٽ ۾) خرچين سو نہ ٿا لهن! (٩٢) . (ڏوراپي جي) واٽ رڳو اُنهن تي آهي جن توکان موڪلايو ۽ اُهي شاهوڪار هئا، رهيلن (عورتن) سان گڏ هجڻ ۾ راضي ٿـيا ۽ الله سندين دلين تي مُهر هنئي پوءِ اُهي نہ ڄاڻندا آهن (٩٣) .

يَعْتَذِرُوْنَ اِلَيْكُمْ اِذَا رَجَعْتُمْ اِلَيْهِمْ ؕ قُلْ لَّا
تَعْتَذِرُوْا لَنْ نُّؤْمِنَ لَكُمْ قَدْ نَبَّاَنَا اللّٰهُ مِنْ اَخْبَارِكُمْ ؕ وَ
سَيَرَى اللّٰهُ عَمَلَكُمْ وَرَسُوْلُهٗ ثُمَّ تُرَدُّوْنَ اِلٰى عٰلِمِ الْغَيْبِ
وَالشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٤﴾ سَيَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ
لَكُمْ اِذَا انْقَلَبْتُمْ اِلَيْهِمْ لِتُعْرِضُوْا عَنْهُمْ ؕ فَاَعْرِضُوْا عَنْهُمْ ؕ
اِنَّهُمْ رِجْسٌ ؗ وَّمَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ۚ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٩٥﴾
يَحْلِفُوْنَ لَكُمْ لِتَرْضَوْا عَنْهُمْ ۚ فَاِنْ تَرْضَوْا عَنْهُمْ فَاِنَّ اللّٰهَ
لَا يَرْضٰى عَنِ الْقَوْمِ الْفٰسِقِيْنَ ﴿٩٦﴾ اَلْاَعْرَابُ اَشَدُّ كُفْرًا وَّ
نِفَاقًا وَّاَجْدَرُ اَلَّا يَعْلَمُوْا حُدُوْدَ مَاۤ اَنْزَلَ اللّٰهُ عَلٰى
رَسُوْلِهٖ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٩٧﴾ وَمِنَ الْاَعْرَابِ مَنْ يَّتَّخِذُ
مَا يُنْفِقُ مَغْرَمًا وَّيَتَرَبَّصُ بِكُمُ الدَّوَآئِرَ ؕ عَلَيْهِمْ
دَآئِرَةُ السَّوْءِ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٩٨﴾ وَمِنَ الْاَعْرَابِ مَنْ
يُّؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَيَتَّخِذُ مَا يُنْفِقُ قُرُبٰتٍ
عِنْدَ اللّٰهِ وَصَلَوٰتِ الرَّسُوْلِ ؕ اَلَاۤ اِنَّهَا قُرْبَةٌ لَّهُمْ ؕ
سَيُدْخِلُهُمُ اللّٰهُ فِيْ رَحْمَتِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٩٩﴾ ع

جڏهن (اوهين) اُنهن ڏانهن موٽندؤ (تڏهن) اوهان وٽ بهانو ڪندا۔ (اُنهن کي) چؤ ته بهانو نہ ڪريو اوهان (جي ڳالهه) کي ڪڏهن نہ مڃينداسون، بيشڪ اوهان جي حال کان الله اسان کي خبر ڏني آهي۔ ۽ الله ۽ سندس پيغمبر اوهان جا عمل سگهوئي ڏسندو وري ڳجهه ۽ ظاهر جي ڄاڻندڙ (الله) ڏانهن موٽايا ويندؤ پوءِ جيڪي تي ڪيوَ تنهن جي اوهان کي سُڌ ڏيندو (٩٤). جڏهن اُنهن ڏانهن موٽندؤ (تڏهن) ستت ئي اوهان جي آڏو الله جو قسم هن لاءِ کڻندا تہ (اوهين) کائن مڙي وڃو۔ پوءِ کائن مڙي وڃو۔ ڇو تہ اُهي پليت آهن ۽ جيڪي ڪمائيندا رهيا تنهن جي عوض ۾ سندن جاءِ دوزخ آهي (٩٥). اوهان وٽ هن لاءِ قسم کڻندا تہ (اوهين) کائن راضي ٿيو، پوءِ جيڪڏهن (اوهين) کائن راضي ٿيندؤ تہ (بہ) الله بي دين ماڻهن کان راضي نہ ٿيندو (٩٦). بدوي ڪفر ۽ منافقيءَ ۾ تمام سخت آهن ۽ هن (عادت) جوڳا آهن جو الله پنهنجي پيغمبر تي جيڪي حڪم لاٿا تنهن جون (شرعي) حدون نہ ڄاڻن۔ ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (٩٧). ۽ بدوين مان ڪي اهڙا آهن جو جيڪي خرچ ڪن ٿا سو ڇَٽي ڄاڻندا آهن ۽ اوهان تي زماني جي ڦير گهير (اچڻ) جا منتظر آهن۔ زماني جو بڇڙو ڦيرو مٿن هجي (شال)۔ ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٩٨). ۽ بدوين مان ڪي اهڙا آهن جي الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندا آهن ۽ جيڪي خرچيندا آهن تنهن کي الله وٽ ويجهڙائيءَ جو ۽ پيغمبر جي دعائن (حاصل ڪرڻ) جو وسيلو ڪري وٺندا آهن۔ بيشڪ اُها اُنهن لاءِ ويجهڙائيءَ (جو سبب) آهي۔ الله کين پنهنجي رحمت هيٺ سگهوئي داخل ڪندو۔ ڇو تہ الله بخشڻهار مهربان آهي (٩٩).

وَالسّٰبِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ مِنَ الْمُهٰجِرِیْنَ وَالْاَنْصَارِ وَالَّذِیْنَ
اتَّبَعُوْهُمْ بِاِحْسَانٍ ۙ رَّضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ وَاَعَدَّ لَهُمْ
جَنّٰتٍ تَجْرِیْ تَحْتَهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِیْنَ فِیْهَاۤ اَبَدًا ؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ
الْعَظِیْمُ ﴿۱۰۰﴾ وَمِمَّنْ حَوْلَكُمْ مِّنَ الْاَعْرَابِ مُنٰفِقُوْنَ ۛؕ وَمِنْ
اَهْلِ الْمَدِیْنَةِ ۛؔ مَرَدُوْا عَلَی النِّفَاقِ ۫ لَا تَعْلَمُهُمْ ؕ نَحْنُ
نَعْلَمُهُمْ ؕ سَنُعَذِّبُهُمْ مَّرَّتَیْنِ ثُمَّ یُرَدُّوْنَ اِلٰی عَذَابٍ عَظِیْمٍ ﴿۱۰۱﴾ ۚ
وَاٰخَرُوْنَ اعْتَرَفُوْا بِذُنُوْبِهِمْ خَلَطُوْا عَمَلًا صَالِحًا وَّاٰخَرَ سَیِّئًا ؕ
عَسَی اللّٰهُ اَنْ یَّتُوْبَ عَلَیْهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِیْمٌ ﴿۱۰۲﴾ خُذْ
مِنْ اَمْوَالِهِمْ صَدَقَةً تُطَهِّرُهُمْ وَتُزَكِّیْهِمْ بِهَا وَصَلِّ عَلَیْهِمْ ؕ
اِنَّ صَلٰوتَكَ سَكَنٌ لَّهُمْ ؕ وَاللّٰهُ سَمِیْعٌ عَلِیْمٌ ﴿۱۰۳﴾ اَلَمْ یَعْلَمُوْۤا اَنَّ
اللّٰهَ هُوَ یَقْبَلُ التَّوْبَةَ عَنْ عِبَادِهٖ وَیَاْخُذُ الصَّدَقٰتِ وَ
اَنَّ اللّٰهَ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِیْمُ ﴿۱۰۴﴾ وَقُلِ اعْمَلُوْا فَسَیَرَی اللّٰهُ
عَمَلَكُمْ وَرَسُوْلُهٗ وَالْمُؤْمِنُوْنَ ؕ وَسَتُرَدُّوْنَ اِلٰی عٰلِمِ الْغَیْبِ
وَالشَّهَادَةِ فَیُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۰۵﴾ ۚ وَاٰخَرُوْنَ مُرْجَوْنَ
لِاَمْرِ اللّٰهِ اِمَّا یُعَذِّبُهُمْ وَاِمَّا یَتُوْبُ عَلَیْهِمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِیْمٌ حَكِیْمٌ ﴿۱۰۶﴾

۽ مهاجرن ۽ انصارن مان (ايمان ۾) آڳرائي ڪرڻ وارا ۽ جن چڱائي سان سندن تابعداري ڪئي اُنهن (سڀني) کان الله راضي آهي ۽ اُهي کانئس راضي آهن ۽ اُنهن لاءِ باغ تيار ڪيا اٿس جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن منجهن سدائين رهڻ وارا آهن. اِها وڏي مراد ماڻڻ آهي (١٠٠). ۽ اوهان جي آس پاس وارن بدوين مان (به) ڪي منافق آهن. ۽ مديني وارن مان (به) ڪي منافقيءَ تي عادتي ٿي ويا آهن، (تون) کين نه ڄاڻندو آهين. اسين اُنهن کي ڄاڻندا آهيون. سگهوئي کين ٻه ڀيرا عذاب ڪنداسون وري وڏي عذاب ڏانهن موٽايا ويندا (١٠١). ۽ ٻيا (اهڙا) آهن جن پنهنجا گناه ڀاسيا آهن (اُنهن) چڱا ڪم ۽ ٻيا بڇڙا ڪم گڏي سڏي ڪيا آهن. اُميد آهي ته الله مٿن ٻاجه سان موٽندو. ڇو ته الله بخشڻهار مهربان آهي (١٠٢). سندن مالن مان زڪواة وصول ڪر ته ان سان کين (ظاهر ۾ به) پاڪ ڪندو رهين ۽ کين (باطن ۾ به) سنو ڪندو رهين ۽ مٿن رحمت جي دعا گهر. ڇو ته تنهنجي دعا اُنهن لاءِ راحت آهي. ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (١٠٣). ڄاڻندا نه آهن ڇا ته الله ئي پنهنجن ٻانهن جي توبه قبول ڪندو آهي ۽ (سندن) خيراتون قبول ڪندو آهي ۽ بيشڪ الله ئي توبه قبول ڪندڙ مهربان آهي (١٠٤). ۽ چؤ ته عمل ڪريو پوءِ الله ۽ سندس پيغمبر ۽ مؤمن (سڀئي) اوهان جا عمل ڏسندا. ۽ ڳجهه ۽ ظاهر جي ڄاڻندڙ (الله) ڏانهن سگهو موٽايا ويندؤ پوءِ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي اوهان کي سُڌ ڏيندو (١٠٥). ۽ ٻيا (رهجي ويل) الله جي حڪم لاءِ رهايل آهن ته يا کين عذاب ڪري يا کين معاف ڪري. ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (١٠٦).

وَالَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مَسْجِدًا ضِرَارًا وَّكُفْرًا وَّتَفْرِيْقًا بَيْنَ
الْمُؤْمِنِيْنَ وَاِرْصَادًا لِّمَنْ حَارَبَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ مِنْ قَبْلُ ؕ
وَلَيَحْلِفُنَّ اِنْ اَرَدْنَاۤ اِلَّا الْحُسْنٰى ؕ وَاللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّهُمْ
لَكٰذِبُوْنَ ﴿١٠٧﴾ لَا تَقُمْ فِيْهِ اَبَدًا ؕ لَمَسْجِدٌ اُسِّسَ عَلَى التَّقْوٰى
مِنْ اَوَّلِ يَوْمٍ اَحَقُّ اَنْ تَقُوْمَ فِيْهِ ؕ فِيْهِ رِجَالٌ يُّحِبُّوْنَ اَنْ
يَّتَطَهَّرُوْا ؕ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُطَّهِّرِيْنَ ﴿١٠٨﴾ اَفَمَنْ اَسَّسَ بُنْيَانَهٗ
عَلٰى تَقْوٰى مِنَ اللّٰهِ وَرِضْوَانٍ خَيْرٌ اَمْ مَّنْ اَسَّسَ بُنْيَانَهٗ
عَلٰى شَفَا جُرُفٍ هَارٍ فَانْهَارَ بِهٖ فِيْ نَارِ جَهَنَّمَ ؕ وَاللّٰهُ لَا
يَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٠٩﴾ لَا يَزَالُ بُنْيَانُهُمُ الَّذِيْ بَنَوْا
رِيْبَةً فِيْ قُلُوْبِهِمْ اِلَّاۤ اَنْ تَقَطَّعَ قُلُوْبُهُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿١١٠﴾ ع
اِنَّ اللّٰهَ اشْتَرٰى مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اَنْفُسَهُمْ وَاَمْوَالَهُمْ
بِاَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ ؕ يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَيَقْتُلُوْنَ وَ
يُقْتَلُوْنَ وَعْدًا عَلَيْهِ حَقًّا فِي التَّوْرٰىةِ وَالْاِنْجِيْلِ
وَالْقُرْاٰنِ ؕ وَمَنْ اَوْفٰى بِعَهْدِهٖ مِنَ اللّٰهِ فَاسْتَبْشِرُوْا
بِبَيْعِكُمُ الَّذِيْ بَايَعْتُمْ بِهٖ ؕ وَذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿١١١﴾

۽ (اُنهن مان اهڙا به آهن) جن نقصان پهچائڻ ۽ ڪفر ڪرڻ ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ڏڦيڙ وجهڻ ۽ جن (ماڻهن) الله ۽ سندس پيغمبر سان اڳ ويڙهه ڪئي آهي تن واسطي گهات تاڪڻ لاءِ (هڪ) مسجد بڻائي آهي- ۽ (اُهي) ضرور قسم کڻندا ته چڱائي ڪان سواءِ اسان جو (بڻائڻ ۾) ٻيو ڪو ارادو نه آهي- ۽ الله شاهدي ڏئي ٿو ته اُهي ڪوڙا آهن (١٠٧). منجهس اصلي نه بيهه! (جا مسجد) پهرين ڏينهن کان ئي پرهيزگاريءَ تي اڏي ويئي آهي تنهن ۾ توکي بيهڻ (يعني نماز پڙهڻ ۽ پڙهائڻ) وڌيڪ لائق آهي- جنهن ۾ اهڙا مرد آهن جي پاڪ رهڻ کي دوست رکندا آهن ۽ الله پاڪ رهڻ وارن کي دوست رکندو آهي (١٠٨). جنهن پنهنجي اڏاوت الله جي ڊپ ۽ (سندس) رضامنديءَ تي اڏي سو ڀلو آهي يا اُهو جنهن پنهنجي اڏاوت ٺئن جي ڪرندڙ ڀَر تي اڏي؟ پوءِ اُها اڏيندڙ سميت دوزخ جي باهه ۾ ڪِري- ۽ الله ظالمن جي قوم کي هدايت نه ڪندو آهي (١٠٩). جو بنياد بڻايائون سو سدائين سندن دلين ۾ شڪ (جو سبب) رهندو، سندن دلين جي وڍڻ کان سواءِ نه ويندو- ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (١١٠). الله مؤمنن کان سندن سر ۽ سندن مال هن ڪري ڳڏا جو ٻڪ بهشت اُنهن لاءِ آهي- (اهي) اُن (انجام) تي الله جي واٽ ۾ وڙهندا آهن پوءِ ماريندا (به) آهن ۽ ماربا (به آهن)، جو انجام توريت ۽ انجيل ۽ قرآن ۾ پڪيءَ طرح ٿيل آهي- ۽ الله کان وڌيڪ پنهنجي انجام کي پورو ڪندڙ ڪير آهي؟ پوءِ جنهن سودي جي بدران اوهان پاڻ کي وڪيو آهي تنهن سان خوش ٿيو- ۽ اِها ئي وڏي مراد ماڻڻ آهي (١١١).

اَلتَّآئِبُوْنَ الْعٰبِدُوْنَ الْحٰمِدُوْنَ السَّآئِحُوْنَ الرّٰكِعُوْنَ
السّٰجِدُوْنَ الْاٰمِرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَالنَّاهُوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ
وَالْحٰفِظُوْنَ لِحُدُوْدِ اللّٰهِ ؕ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١١٢﴾ مَا كَانَ
لِلنَّبِيِّ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَنْ يَّسْتَغْفِرُوْا لِلْمُشْرِكِيْنَ وَ
لَوْ كَانُوْۤا اُولِيْ قُرْبٰى مِنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمْ اَنَّهُمْ
اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿١١٣﴾ وَمَا كَانَ اسْتِغْفَارُ اِبْرٰهِيْمَ لِاَبِيْهِ
اِلَّا عَنْ مَّوْعِدَةٍ وَّعَدَهَاۤ اِيَّاهُ ۚ فَلَمَّا تَبَيَّنَ لَهٗۤ اَنَّهٗ عَدُوٌّ
لِّلّٰهِ تَبَرَّاَ مِنْهُ ؕ اِنَّ اِبْرٰهِيْمَ لَاَوَّاهٌ حَلِيْمٌ ﴿١١٤﴾ وَمَا كَانَ اللّٰهُ
لِيُضِلَّ قَوْمًۢا بَعْدَ اِذْ هَدٰىهُمْ حَتّٰى يُبَيِّنَ لَهُمْ مَّا
يَتَّقُوْنَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿١١٥﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَهٗ مُلْكُ
السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ؕ وَمَا لَكُمْ مِّنْ
دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ﴿١١٦﴾ لَقَدْ تَّابَ اللّٰهُ عَلَى
النَّبِيِّ وَالْمُهٰجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ فِيْ
سَاعَةِ الْعُسْرَةِ مِنْۢ بَعْدِ مَا كَادَ يَزِيْغُ قُلُوْبُ فَرِيْقٍ
مِّنْهُمْ ثُمَّ تَابَ عَلَيْهِمْ ؕ اِنَّهٗ بِهِمْ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿١١٧﴾

توبه ڪندڙ، عبادت ڪندڙ، ساراھ ڪندڙ، (خدا جي واٽ ۾) مسافري
ڪندڙ، رڪوع ڪندڙ، سجدو ڪندڙ، چڱائيءَ جو حڪم ڪندڙ ۽
مدائي کان جهليندڙ ۽ الله جي حدن کي نگاھ ۾ رکندڙ (اُنهن لاءِ بهشت جو
انجام آهي) ۽ (اهڙن) مؤمنن کي خوشخبري ڏي (١١٢). پيغمبر ۽ مؤمنن کي
مشرڪن لاءِ ڪين (هن ڳالھ جي) پڌري ٿيڻ کان پوءِ تہ اُهي دوزخي آهن
بخشش گهرڻ نہ جڳائي توڙيڪ مائٽيءَ وارا هجن (١١٣). ۽ ابراهيم جو،
پنهنجي پيءُ لاءِ بخشش گهرڻ، انجام کان سواءِ نہ هو جو اُن ساڻس انجام
ڪيو هو، پوءِ جنهن دم کيس پڌرو ٿيو تہ اُهو الله جو ويري آهي (تنهن
دم) کانئس بيزار ٿيو. بيشڪ ابراهيم بلڪل ڪؤنريءَ دل وارو (۽) بردبار
هو (١١٤). ۽ الله جو ڪم نہ آهي جو ڪنهن قوم کي سڌي رستي
ڏيکارڻ کان پوءِ ڪين گمراه ڪري جيسين اُهي (ڳالهيون) اُنهن لاءِ
پڌريون (نہ) ڪري جن کان اُنهن کي بچڻ گهرجي. بيشڪ الله هر شيءِ
کي ڄاڻندڙ آهي (١١٥). بيشڪ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله جي ئي
آهي. (اُهو) جياري ٿو ۽ ماري ٿو. ۽ الله کان سواءِ اوهان جو نہ ڪو
دوست ۽ نہ ڪو مدد ڏيندڙ آهي (١١٦). پيغمبر ۽ اُنهن مهاجرن ۽ انصارن تي
بيشڪ الله ٻاجھ سان موٽيو جن سوڙھ جي وقت ۾ پيغمبر جي تابعداري
ڪئي اُن کان پوءِ جو، منجهانئن هڪ ٽوليءَ جون دليون لُڏي وڃڻ تي
ويجهيون هيون، وري (الله) مٿن ٻاجھ سان موٽيو. ڇو تہ اُهو مٿن شفقت
ڪندڙ مهربان آهي (١١٧).

وَّعَلَى الثَّلٰثَةِ الَّذِيْنَ خُلِّفُوْا ؕ حَتّٰۤى اِذَا ضَاقَتْ عَلَيْهِمُ
الْاَرْضُ بِمَا رَحُبَتْ وَضَاقَتْ عَلَيْهِمْ اَنْفُسُهُمْ وَظَنُّوْۤا اَنْ
لَّا مَلْجَاَ مِنَ اللّٰهِ اِلَّاۤ اِلَيْهِ ؕ ثُمَّ تَابَ عَلَيْهِمْ لِيَتُوْبُوْا ؕ اِنَّ
اللّٰهَ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ۠ ﴿۱۱۸﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ
وَكُوْنُوْا مَعَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿۱۱۹﴾ مَا كَانَ لِاَهْلِ الْمَدِيْنَةِ وَمَنْ
حَوْلَهُمْ مِّنَ الْاَعْرَابِ اَنْ يَّتَخَلَّفُوْا عَنْ رَّسُوْلِ اللّٰهِ وَ
لَا يَرْغَبُوْا بِاَنْفُسِهِمْ عَنْ نَّفْسِهٖ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ لَا يُصِيْبُهُمْ
ظَمَاٌ وَّلَا نَصَبٌ وَّلَا مَخْمَصَةٌ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلَا يَطَـُٔوْنَ
مَوْطِئًا يَّغِيْظُ الْكُفَّارَ وَلَا يَنَالُوْنَ مِنْ عَدُوٍّ نَّيْلًا اِلَّا كُتِبَ
لَهُمْ بِهٖ عَمَلٌ صَالِحٌ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ۙ ﴿۱۲۰﴾
وَلَا يُنْفِقُوْنَ نَفَقَةً صَغِيْرَةً وَّلَا كَبِيْرَةً وَّلَا يَقْطَعُوْنَ
وَادِيًا اِلَّا كُتِبَ لَهُمْ لِيَجْزِيَهُمُ اللّٰهُ اَحْسَنَ مَا كَانُوْا
يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۲۱﴾ وَمَا كَانَ الْمُؤْمِنُوْنَ لِيَنْفِرُوْا كَآفَّةً ؕ فَلَوْلَا نَفَرَ
مِنْ كُلِّ فِرْقَةٍ مِّنْهُمْ طَآئِفَةٌ لِّيَتَفَقَّهُوْا فِي الدِّيْنِ وَ
لِيُنْذِرُوْا قَوْمَهُمْ اِذَا رَجَعُوْۤا اِلَيْهِمْ لَعَلَّهُمْ يَحْذَرُوْنَ ۧ ﴿۱۲۲﴾

ءِ اُنهن تـن تي (بہ) جيڪي (جهاد کان) رهجي ويا هئا۔ تانجو جڏهن زمين ايتريءَ ويڪرائي هوندي بہ مٿن سوڙهي ٿي ويئي هئي ۽ سندن ساهہ مٿن مُنجهيا هئا ۽ پانيائون ٿي تہ (هاڻي) الله (جي عذاب) کان بچڻ جي جاءِ سندس (بارگاهہ) کان سواءِ ڪونہ آهي۔ وري مٿن هن لاءِ ٻاجهہ سان موٽيو تہ توبهہ ڪن۔ ڇو تہ الله ئي توبهہ قبول ڪندڙ مهربان آهي (١١٨). اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ سچن سان گڏ هجو (١١٩). مديني وارن ۽ سندس آس پاس وارن ٻهروين کي نڪي الله جي پيغمبر کان (جهاد ۾) پوئتي رهڻ ۽ نڪي سندس وجود کان پاڻ کي پيارو رکڻ جڳائي۔ اِهو هن ڪري جو کين نڪي اُڃ ۽ نڪي ڏک ۽ نڪي بک الله جي واٽ ۾ پهچندي آهي ۽ نڪي اهڙي هنڌ ويندا آهن جتي ڪافر ڪاوڙجن ۽ نڪي دشمن کان (ڪو) اهنج پهچندو اٿـن پر اُنهن لاءِ (هر هڪ ڳالهہ جي) بدلي چڱو عمل لکيو ويندو آهي۔ ڇو تہ الله ڀلارن جو اَجر نہ وڃائيندو آهي (١٢٠). ۽ ڪوبہ خرچ۔ٿورو يا گهڻو۔نہ ڪندا آهن ۽ نڪي ڪا وادي ٽپندا آهن پر اُنهن لاءِ (چڱو عمل) هن لاءِ لکيو ويندو آهي تہ جيڪو تمام چڱو ڪم ڪندا آهن تنهن جو کين الله بدلو ڏئي (١٢١). ۽ مؤمنن کي نہ ٿهندو آهي جو مڙيئي (گڏ) نڪرن، پوءِ ٽوليءَ مان ڪي ڄڻا منجهائن هن لاءِ ڇو نہ نڪرندا آهن تہ دين ۾ عالم ٿيـن ۽ جڏهن پنهنجي قوم ڏانهن موٽي وڃن تڏهن اُن کي ڊيڄارين تہ مانَ اُهي ڊڄن (١٢٢).

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قَاتِلُوا الَّذِيْنَ يَلُوْنَكُمْ مِّنَ
الْكُفَّارِ وَلْيَجِدُوْا فِيْكُمْ غِلْظَةً ؕ وَاعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ
الْمُتَّقِيْنَ ﴿١٢٣﴾ وَاِذَا مَاۤ اُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ فَمِنْهُمْ مَّنْ يَّقُوْلُ
اَيُّكُمْ زَادَتْهُ هٰذِهٖۤ اِيْمَانًا ۚ فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا
فَزَادَتْهُمْ اِيْمَانًا وَّهُمْ يَسْتَبْشِرُوْنَ ﴿١٢٤﴾ وَاَمَّا
الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ فَزَادَتْهُمْ رِجْسًا اِلٰى
رِجْسِهِمْ وَمَاتُوْا وَهُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿١٢٥﴾ اَوَلَا يَرَوْنَ
اَنَّهُمْ يُفْتَنُوْنَ فِيْ كُلِّ عَامٍ مَّرَّةً اَوْ مَرَّتَيْنِ ثُمَّ لَا
يَتُوْبُوْنَ وَلَا هُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ﴿١٢٦﴾ وَاِذَا مَاۤ اُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ
نَّظَرَ بَعْضُهُمْ اِلٰى بَعْضٍ ؕ هَلْ يَرٰىكُمْ مِّنْ اَحَدٍ ثُمَّ
انْصَرَفُوْا ؕ صَرَفَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا
يَفْقَهُوْنَ ﴿١٢٧﴾ لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ
عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ
رَّحِيْمٌ ﴿١٢٨﴾ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقُلْ حَسْبِيَ اللّٰهُ ۖۗ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ
عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَهُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ ﴿١٢٩﴾ ع

اي مؤمنؤ! ڪافرن مان جيڪي اوهان جي آس پاس آهن تن سان وڙهو ۽ پَلي تہ (اُهي) اوهان ۾ ڪا ڏاڍائي ڏسن۔ ۽ ڄاڻو تہ الله پرهيزگارن سان گڏ آهي (١٢٣) . ۽ جڏهن ڪا بہ سورة لاهبي آهي تڏهن منجهائن ڪو اهڙو آهي جو چوندو آهي تہ هن سورة اوهان مان ڪهڙي جو ايمان وڌايو آهي؟ پوءِ جن ايمان آندو آهي تن جي ايمان کي وڌايو اٿس ۽ اُهي خوش ٿيندا آهن (١٢٤) . ۽ جن جي دلين ۾ بيماري آهي تن کي پليتيءَ تي پليتي وڌائي اٿس ۽ اُهي ڪافر ٿي مئا (١٢٥) . نہ ڏسندا آهن ڇا تہ هر سال هڪ ڀيرو يا ٻہ ڀيرا سزا ڏني ويندي اٿن؟ وري نڪي توبهہ ڪندا آهن ۽ نڪي اُهي نصيحت وٺندا آهن (١٢٦) . ۽ جڏهن ڪا سورة (اُنهن بابت) نازل ڪبي آهي (تڏهن) اُنهن مان هڪڙا ٻين ڏانهن (شرمندگيءَ ڪان) نهاريندا آهن۔ (۽ چوندا آهن تہ) ڪنهن اوهان کي ڏٺو آهي ڇا؟ وري (گهرن ڏانهن) موٽندا آهن۔ الله سندن دليون هن سببان ڦيرايون آهن جو اُها بي سمجهہ قوم آهي (١٢٧) . (اي انسانؤ!) بيشڪ اوهان جي جنس منجهان اوهان وٽ پيغمبر آيو آهي اوهان جو ڏک مٿس اولو آهي اوهان (جي هدايت) تي حريص آهي مسلمانن تي شفقت ڪندڙ مهربان آهي (١٢٨) . پوءِ جيڪڏهن ڦرن تہ چؤ تہ مون کي الله ڪافي آهي اُن ڪان سواءِ ڪو عبادت جو لائق نہ آهي۔ مٿس ڀروسو ڪيم ۽ اُهو وڏي عرش جو مالڪ آهي (١٢٩) .

# سُورَةُ يُونُسَ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الٓرٰ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْحَكِيْمِ ۝١ اَكَانَ لِلنَّاسِ عَجَبًا اَنْ اَوْحَيْنَآ
اِلٰى رَجُلٍ مِّنْهُمْ اَنْ اَنْذِرِ النَّاسَ وَبَشِّرِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنَّ لَهُمْ
قَدَمَ صِدْقٍ عِنْدَ رَبِّهِمْ ؔؕ قَالَ الْكٰفِرُوْنَ اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ مُّبِيْنٌ ۝٢
اِنَّ رَبَّكُمُ اللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ
ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ يُدَبِّرُ الْاَمْرَ ؕ مَا مِنْ شَفِيْعٍ اِلَّا مِنْۢ
بَعْدِ اِذْنِهٖ ؕ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ؕ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ۝٣ اِلَيْهِ
مَرْجِعُكُمْ جَمِيْعًا ؕ وَعْدَ اللّٰهِ حَقًّا ؕ اِنَّهٗ يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ
لِيَجْزِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ بِالْقِسْطِ ؕ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا
لَهُمْ شَرَابٌ مِّنْ حَمِيْمٍ وَّعَذَابٌ اَلِيْمٌۢ بِمَا كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ ۝٤
هُوَ الَّذِيْ جَعَلَ الشَّمْسَ ضِيَآءً وَّالْقَمَرَ نُوْرًا وَّقَدَّرَهٗ مَنَازِلَ
لِتَعْلَمُوْا عَدَدَ السِّنِيْنَ وَالْحِسَابَ ؕ مَا خَلَقَ اللّٰهُ ذٰلِكَ اِلَّا بِالْحَقِّ ۚ
يُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ۝٥ اِنَّ فِي اخْتِلَافِ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ
وَمَا خَلَقَ اللّٰهُ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَّقُوْنَ ۝٦

سورة يونس مڪي آهي ۽ هيءَ هڪ سؤ
نو آيتون ۽ يارهن رڪوع آهي.

اللہ ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

آلر - هي آيتون حڪمت واري ڪتاب جون آهن (١). ماڻهن کي (هيءَ ڳالھ) ڇو عجب ۾ وجهندي آهي جو منجهائن هڪ مڙس ڏانهن وحي موڪليوسون تہ ماڻهن کي ڊيڄار ۽ جن ايمان آندو تن کي خوشخبري ڏي تہ انهن لاءِ سندن پالڻهار وٽ وڏو مرتبو آهي. ڪافرن چيو تہ هيءُ پڌرو جادوگر آهي (٢). بيشڪ اوهان جو پالڻهار اُهو اللہ آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ بڻايو (۽) وري عرش ڏانهن توجہ ڪيائين، (اُهو ئي) ڪمن کي رٿيندو آهي. ڪوئي سفارش ڪندڙ نہ آهي پر سندس اجازت کان پوءِ. اهوئي اوهان جو پالڻهار اللہ آهي تنهن ڪري سندس عبادت ڪريو. پوءِ ڇو نہ نصيحت وٺندا آهيو؟ (٣). اوهان مڙني جو ڏانهنس موٽڻ آهي. اللہ جو انجام سچو آهي. اُهوئي خلق کي پهريون (بہ) بڻائيندو آهي وري (بہ) ڪين هن لاءِ موٽائي بڻائيندو تہ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي انصاف سان بدلو ڏئي. ۽ جن نہ مڃيو تن لاءِ ٽهڪندڙ پاڻي ۽ ڏکوئيندڙ عذاب اِنهي ڪري آهي جو ڪفر ڪيو هئائون (۴). اُهو (اللہ) آهي جنهن سج کي چمڪندڙ ۽ چنڊ کي روشن ڪيو ۽ اُن (چنڊ) جون منزلون هن لاءِ مقرر ڪيون تہ اوهين ورهن جو ڳاڻيٽو ۽ حساب ڄاڻو. اللہ اِهو سچ کان سواءِ نہ بڻايو آهي، ڄاڻندڙ قوم لاءِ نشانيون کولي بيان ڪندو آهي (٥). بيشڪ رات ۽ ڏينهن جي ڦير گهير (۾) ۽ اللہ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ بڻايو تنهن ۾ پرهيزگار قوم لاءِ ضرور نشانيون آهن (٦).

اِنَّ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا وَرَضُوْا بِالْحَيٰوةِ الدُّنْيَا
وَاطْمَاَنُّوْا بِهَا وَالَّذِيْنَ هُمْ عَنْ اٰيٰتِنَا غٰفِلُوْنَ ۷ اُولٰٓئِكَ
مَاْوٰىهُمُ النَّارُ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ۸ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ
عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ يَهْدِيْهِمْ رَبُّهُمْ بِاِيْمَانِهِمْ ۚ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهِمُ
الْاَنْهٰرُ فِيْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ۹ دَعْوٰىهُمْ فِيْهَا سُبْحٰنَكَ اللّٰهُمَّ وَ
تَحِيَّتُهُمْ فِيْهَا سَلٰمٌ ۚ وَاٰخِرُ دَعْوٰىهُمْ اَنِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ
الْعٰلَمِيْنَ ۱۰ وَلَوْ يُعَجِّلُ اللّٰهُ لِلنَّاسِ الشَّرَّ اسْتِعْجَالَهُمْ بِالْخَيْرِ
لَقُضِيَ اِلَيْهِمْ اَجَلُهُمْ ۭ فَنَذَرُ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا فِيْ
طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ۱۱ وَاِذَا مَسَّ الْاِنْسَانَ الضُّرُّ دَعَانَا
لِجَنْۢبِهٖٓ اَوْ قَاعِدًا اَوْ قَآئِمًا ۚ فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُ ضُرَّهٗ مَرَّ
كَاَنْ لَّمْ يَدْعُنَآ اِلٰى ضُرٍّ مَّسَّهٗ ۭ كَذٰلِكَ زُيِّنَ لِلْمُسْرِفِيْنَ
مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۱۲ وَلَقَدْ اَهْلَكْنَا الْقُرُوْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ
لَمَّا ظَلَمُوْا ۙ وَجَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ وَمَا كَانُوْا
لِيُؤْمِنُوْا ۭ كَذٰلِكَ نَجْزِي الْقَوْمَ الْمُجْرِمِيْنَ ۱۳ ثُمَّ جَعَلْنٰكُمْ
خَلٰٓئِفَ فِي الْاَرْضِ مِنْۢ بَعْدِهِمْ لِنَنْظُرَ كَيْفَ تَعْمَلُوْنَ ۱۴

بيشڪ جيڪي اسان جي ملڻ جو آسرو نہ ٿا رکن ۽ دنيا جي حياتيءَ ساڻ ريجهي ويا ۽ اُنهيءَ سان آرامي ٿي رهيا ۽ اُهي جيڪي اسان جي آيتن کان بي خبر رهيا (٧). اِهي جيڪي ڪمائيندا رهيا تنهن سببان اُنهن جو هنڌ باه آهي (٨). (۽) جن مڃيو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي سندن پالڻهار سندن ايمان سببان (اُهڙن بهشتن ڏانهن) سڌو رستو ڏيکاريندو، جن جي هيٺان نعمتن وارن باغن ۾ نهرون وهنديون آهن (٩). منجهن سندن دعا (هيءَ) آهي تہ اي الله! توکي پاڪائي جڳائي ۽ منجهن سندن آجيان سلام آهي، ۽ سندن دعا جي پڇاڙي هيءَ آهي تہ سڀ ساراه جهانن جي پالڻهار الله کي جڳائي (١٠). ۽ جيڪڏهن الله ماڻهن لاءِ مدائي جلد موڪلي ها جهڙو هي پنهنجي چڱائي جلد گهرندا آهن تہ سندن (مقرر ٿيل) مدت اُنهن لاءِ پوري ڪئي وڃي ها۔ پوءِ جيڪي اسان جي ملڻ جي اُميد نہ رکندا آهن تن کي سندن گمراهيءَ ۾ حيران ڇڏيندا آهيون (١١). ۽ جنهن مهل ماڻهو کي ڪو ڏک پهچندو آهي (تنهن مهل) پنهنجي پاسي پر يا ويٺي يا بيٺي اسان کي سڏيندو آهي پوءِ جنهن مهل کانئس سندس ڏک لاهيندا آهيون (تنهن مهل اُهڙي ويساري ۾ پئجي) هليو ويندو آهي (جو) ڄڻڪ ڪيس جا اوکائي پهتي هئي تنهن (جي لاهڻ) لاءِ اسان کي سڏيو ئي نہ هئائين۔ اُهڙيءَ طرح حد کان لنگهندڙ جيڪي ڪندا آهن سو اُنهن لاءِ سينگاريو ويو آهي (١٢). ۽ بيشڪ اوهان کان اڳ (گهڻين) قومن جڏهن ظلم ڪيو تڏهن (ڪين) هلاڪ ڪيو اٿؤن ۽ وٽن سندن پيغمبر چٽن معجزن سان آيا ۽ اهڙا نہ هئا جو ايمان آڻين۔ اهڙيءَ طرح ڏوهارڻ قوم کي سزا ڏيندا آهيون (١٣). وري ڪانئن پوءِ ملڪ ۾ اوهان کي سندن جاءِ تي وهاريوسون تہ ڏسون تہ اوهين ڪهڙي طرح ڪم ڪريو ٿا (١٤).

وَاِذَا تُتۡلٰی عَلَیۡهِمۡ اٰیَاتُنَا بَیِّنٰتٍ ۙ قَالَ الَّذِیۡنَ لَا یَرۡجُوۡنَ
لِقَآءَنَا ائۡتِ بِقُرۡاٰنٍ غَیۡرِ هٰذَاۤ اَوۡ بَدِّلۡهُ ؕ قُلۡ مَا یَکُوۡنُ لِیۡۤ
اَنۡ اُبَدِّلَهٗ مِنۡ تِلۡقَآیِٔ نَفۡسِیۡ ۚ اِنۡ اَتَّبِعُ اِلَّا مَا یُوۡحٰۤی اِلَیَّ ۚ
اِنِّیۡۤ اَخَافُ اِنۡ عَصَیۡتُ رَبِّیۡ عَذَابَ یَوۡمٍ عَظِیۡمٍ ﴿۱۵﴾ قُلۡ
لَّوۡ شَآءَ اللّٰهُ مَا تَلَوۡتُهٗ عَلَیۡکُمۡ وَلَاۤ اَدۡرٰىکُمۡ بِهٖ ۫ۖ فَقَدۡ لَبِثۡتُ
فِیۡکُمۡ عُمُرًا مِّنۡ قَبۡلِهٖ ؕ اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ ﴿۱۶﴾ فَمَنۡ اَظۡلَمُ مِمَّنِ
افۡتَرٰی عَلَی اللّٰهِ کَذِبًا اَوۡ کَذَّبَ بِاٰیٰتِهٖ ؕ اِنَّهٗ لَا یُفۡلِحُ
الۡمُجۡرِمُوۡنَ ﴿۱۷﴾ وَیَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مَا لَا یَضُرُّهُمۡ
وَلَا یَنۡفَعُهُمۡ وَیَقُوۡلُوۡنَ هٰۤؤُلَآءِ شُفَعَآؤُنَا عِنۡدَ اللّٰهِ ؕ قُلۡ
اَتُنَبِّـُٔوۡنَ اللّٰهَ بِمَا لَا یَعۡلَمُ فِی السَّمٰوٰتِ وَلَا فِی الۡاَرۡضِ ؕ
سُبۡحٰنَهٗ وَتَعٰلٰی عَمَّا یُشۡرِکُوۡنَ ﴿۱۸﴾ وَمَا کَانَ النَّاسُ
اِلَّاۤ اُمَّةً وَّاحِدَةً فَاخۡتَلَفُوۡا ؕ وَلَوۡلَا کَلِمَةٌ سَبَقَتۡ مِنۡ
رَّبِّکَ لَقُضِیَ بَیۡنَهُمۡ فِیۡمَا فِیۡهِ یَخۡتَلِفُوۡنَ ﴿۱۹﴾ وَیَقُوۡلُوۡنَ
لَوۡلَاۤ اُنۡزِلَ عَلَیۡهِ اٰیَةٌ مِّنۡ رَّبِّهٖ ۚ فَقُلۡ اِنَّمَا
الۡغَیۡبُ لِلّٰهِ فَانۡتَظِرُوۡا ۚ اِنِّیۡ مَعَکُمۡ مِّنَ الۡمُنۡتَظِرِیۡنَ ﴿۲۰﴾ ع

۽ جڏهن اسان جون چٽيون آيتون کين پڙهي ٻڌائبيون آهن (تڏهن) جيڪي اسان جي ملڻ جي اُميد نہ رکندا آهن سي چوندا آهن تہ هن کان سواءِ ڪو ٻيو قرآن آڻ يا کيس مٽاءِ. چؤ تہ پنهنجي طرفان ان جي مٽائڻ جو مون کي اختيار ڪونهي، جيڪي مون ڏي وحي ڪيو ويندو آهي تنهن کان سواءِ (ٻئي ڪنهن جي) تابعداري نہ ڪندو آهيان، بيشڪ آءٌ جيڪڏهن پنهنجي پالڻهار جي نافرماني ڪريان تہ وڏي ڏينهن جي عذاب کان ڊڄان ٿو (١٥). چؤ تہ جيڪڏهن الله گهري ها تہ آءٌ اُن (قرآن کي اوهان تي) نہ پڙهان ها ۽ نڪي (الله) اُن سان اوهان کي ڄاڻائي ها! بيشڪ آءٌ اوهان ۾ هن کان اڳ (سڄي) ڄمار رهيس (تڏهن نہ پڙهيم). پوءِ ڇو نہ ٿا سمجهو؟ (١٦). پوءِ اُن کان وڏيڪ ظالم ڪير آهي جو الله تي ڪوڙو ناهہ ناهي يا سندس آيتن کي ڪوڙ ڄاڻي. سچ آهي تہ ڏوهاري نہ ڇٽندا (١٧). ۽ الله کان سواءِ جن کي پوڄيندا آهن سي نڪي کين ڏک پهچائيندا آهن ۽ نڪي کين سک پهچائيندا آهن ۽ چوندا آهن تہ هي الله وٽ اسان جا شفاعت ڪندڙ آهن. چؤ تہ اوهين الله کي اهڙيءَ شيءِ بابت ڄڻائيندا آهيو ڇا جيڪا شيءِ (هو) نڪي آسمانن ۾ ۽ نڪي زمين ۾ ڄاڻندو آهي؟ اهو پاڪ آهي ۽ جنهن شيءِ کي ساڻس شريڪ ڪندا آهيو تنهن کان اُهو مٿاهون آهي (١٨). ۽ (اصل) ماڻهو هڪ ٽوليءَ کان سواءِ نہ هئا پوءِ اختلاف ڪيائون. ۽ جيڪڏهن تنهنجي پالڻهار جو حڪم اڳ ٿيل نہ هجي ها تہ جنهن (ڳالهہ) بابت اختلاف ڪن ٿا تنهن جو سندن وچ ۾ فيصلو پورو ڪيو وڃي ها (١٩). ۽ چوندا آهن تہ سندس پالڻهار کان مٿس ڪو معجزو ڇو نہ لاٿو ويو آهي؟ چؤ تہ ڳجهہ (جي خبر) الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي نہ آهي پوءِ انتظار ڪريو آءٌ بہ اوهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيان (٢٠).

وَإِذَآ أَذَقْنَا النَّاسَ رَحْمَةً مِّنۢ بَعْدِ ضَرَّآءَ مَسَّتْهُمْ إِذَا لَهُم مَّكْرٌ
فِىٓ ءَايَاتِنَا ۚ قُلِ اللّٰهُ أَسْرَعُ مَكْرًا ۚ إِنَّ رُسُلَنَا يَكْتُبُونَ مَا تَمْكُرُونَ ﴿٢١﴾
هُوَ الَّذِى يُسَيِّرُكُمْ فِى الْبَرِّ وَالْبَحْرِ ۖ حَتّٰىٓ إِذَا كُنتُمْ فِى الْفُلْكِ ۚ وَ
جَرَيْنَ بِهِم بِرِيحٍ طَيِّبَةٍ وَّفَرِحُوا بِهَا جَآءَتْهَا رِيحٌ عَاصِفٌ
وَّجَآءَهُمُ الْمَوْجُ مِن كُلِّ مَكَانٍ وَّظَنُّوٓا أَنَّهُمْ أُحِيطَ بِهِمْ ۙ دَعَوُا
اللّٰهَ مُخْلِصِينَ لَهُ الدِّينَ ۚ لَئِنْ أَنجَيْتَنَا مِنْ هٰذِهِۦ لَنَكُونَنَّ
مِنَ الشّٰكِرِينَ ﴿٢٢﴾ فَلَمَّآ أَنجٰىهُمْ إِذَا هُمْ يَبْغُونَ فِى الْأَرْضِ بِغَيْرِ
الْحَقِّ ۗ يٰٓأَيُّهَا النَّاسُ إِنَّمَا بَغْيُكُمْ عَلٰىٓ أَنفُسِكُم ۖ مَّتٰعَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۖ
ثُمَّ إِلَيْنَا مَرْجِعُكُمْ فَنُنَبِّئُكُم بِمَا كُنتُمْ تَعْمَلُونَ ﴿٢٣﴾ إِنَّمَا مَثَلُ
الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا كَمَآءٍ أَنزَلْنٰهُ مِنَ السَّمَآءِ فَاخْتَلَطَ بِهِۦ نَبَاتُ
الْأَرْضِ مِمَّا يَأْكُلُ النَّاسُ وَالْأَنْعٰمُ ۖ حَتّٰىٓ إِذَآ أَخَذَتِ الْأَرْضُ
زُخْرُفَهَا وَازَّيَّنَتْ وَظَنَّ أَهْلُهَآ أَنَّهُمْ قٰدِرُونَ عَلَيْهَآ أَتٰىهَآ
أَمْرُنَا لَيْلًا أَوْ نَهَارًا فَجَعَلْنٰهَا حَصِيدًا كَأَن لَّمْ تَغْنَ
بِالْأَمْسِ ۚ كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْءَايٰتِ لِقَوْمٍ يَتَفَكَّرُونَ ﴿٢٤﴾ وَاللّٰهُ
يَدْعُوٓا إِلٰى دَارِ السَّلٰمِ وَيَهْدِى مَن يَشَآءُ إِلٰى صِرٰطٍ مُّسْتَقِيمٍ ﴿٢٥﴾

۽ جڏهن ماڻهن کي تڪليف پهچڻ کان پوءِ (پنهنجي) ٻاجھ (سان سک جو مزو) چکائيندا آهيون (تڏهن) اتي جو اُتي اُنهن کي اسان جي آيتن ۾ بدگمانيون (ٿينديون) آهن. چؤ ته الله رٿ رٿڻ ۾ ڏاڍو تکڙو آهي. بيشڪ جيڪي اوهين ٻچڙيون رٿون ڪندا آهيو سي اسان جا ملائڪ لکندا آهن (٢١). اُهو (الله) آهي جيڪو اوهان کي بر ۽ دريائن ۾ گهمائيندو آهي تان جو جڏهن ٻيڙين ۾ هوندا آهيو، ۽ (اُهي) پاتيٽن سميت سٺائن وائن سان هلنديون آهن ۽ اُنهن سان سرها ٿيندا آهن ته اوچتو کين اُٿائو واءُ پهچندو آهي ۽ کين چوڌاري لهر ايندي آهي ۽ ڀانئيندا آهن ته بيشڪ (اُها) کين ويڙهي ويئي (تڏهن) الله جي عبادت ۾ سچائيءَ وارا ٿي کيس سڏيندا آهن، (۽ چوندا آهن) ته جيڪڏهن هن (مصيبت) کان اسان کي بچائين ته ضرور شڪراني ڪندڙن مان ٿينداسون (٢٢). پوءِ جنهن مهل کين بچايائين (تنهن مهل) اُتي جو اُتي ملڪ ۾ ناحق شرارت ڪندا آهن. اي انسانؤ! اوهان جون شرارتون اوهان تي ئي آهن (هيءُ) دنيا جي حياتي جو فائدو (لڏو) وري اوهان جو موٽڻ اسان ڏانهن آهي پوءِ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي اوهان کي سُڌ ڏينداسون (٢٣). دنيا جي حياتيءَ جو مثال رڳو اُنهيءَ پاڻيءَ وانگر آهي جنهن کي آسمان کان وسايوسون پوءِ ساڻس زمين جا (اُهي) سلا رليا مليا جن مان ماڻهو ۽ ڍور کائيندا آهن. تانجو جنهن مهل زمين پنهنجي ساوڪ ورتي ۽ سينگاري ۽ سندس رهڻ وارن ڀانيو ته پاڻ مٿس وس وارا آهن (تنهن مهل) اوچتو اُن کي رات جو يا ڏينهن جو اسان جو حڪم پهتو پوءِ اُن کي لڻيل (ناس) ڪري ڇڏيوسون ڄڻڪ ڪالهه ئي نه هئي. اهڙي طرح سمجهندڙ قوم لاءِ نشانيون کولي بيان ڪندا آهيون (٢٤). ۽ الله سلامتيءَ جي گهر ڏانهن سڏيندو آهي. ۽ جنهن کي وڻيس تنهن کي سڌيءَ واٽ ڏانهن هدايت ڪندو آهي (٢٥).

لِلَّذِينَ أَحْسَنُوا الْحُسْنَىٰ وَزِيَادَةٌ ۖ وَلَا يَرْهَقُ وُجُوهَهُمْ قَتَرٌ وَلَا
ذِلَّةٌ ۚ أُولَٰئِكَ أَصْحَابُ الْجَنَّةِ ۖ هُمْ فِيهَا خَالِدُونَ ﴿٢٦﴾ وَالَّذِينَ كَسَبُوا
السَّيِّئَاتِ جَزَاءُ سَيِّئَةٍ بِمِثْلِهَا وَتَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ ۖ مَا لَهُمْ مِنَ اللَّهِ
مِنْ عَاصِمٍ ۖ كَأَنَّمَا أُغْشِيَتْ وُجُوهُهُمْ قِطَعًا مِنَ اللَّيْلِ مُظْلِمًا ۚ
أُولَٰئِكَ أَصْحَابُ النَّارِ ۖ هُمْ فِيهَا خَالِدُونَ ﴿٢٧﴾ وَيَوْمَ نَحْشُرُهُمْ
جَمِيعًا ثُمَّ نَقُولُ لِلَّذِينَ أَشْرَكُوا مَكَانَكُمْ أَنْتُمْ وَشُرَكَاؤُكُمْ ۚ
فَزَيَّلْنَا بَيْنَهُمْ ۖ وَقَالَ شُرَكَاؤُهُمْ مَا كُنْتُمْ إِيَّانَا تَعْبُدُونَ ﴿٢٨﴾
فَكَفَىٰ بِاللَّهِ شَهِيدًا بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ إِنْ كُنَّا عَنْ عِبَادَتِكُمْ
لَغَافِلِينَ ﴿٢٩﴾ هُنَالِكَ تَبْلُو كُلُّ نَفْسٍ مَا أَسْلَفَتْ ۚ وَرُدُّوا إِلَى اللَّهِ
مَوْلَاهُمُ الْحَقِّ ۖ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَا كَانُوا يَفْتَرُونَ ﴿٣٠﴾ قُلْ مَنْ
يَرْزُقُكُمْ مِنَ السَّمَاءِ وَالْأَرْضِ أَمَّنْ يَمْلِكُ السَّمْعَ وَالْأَبْصَارَ وَ
مَنْ يُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَيُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ وَمَنْ يُدَبِّرُ
الْأَمْرَ ۚ فَسَيَقُولُونَ اللَّهُ ۚ فَقُلْ أَفَلَا تَتَّقُونَ ﴿٣١﴾ فَذَٰلِكُمُ اللَّهُ رَبُّكُمُ الْحَقُّ ۖ
فَمَاذَا بَعْدَ الْحَقِّ إِلَّا الضَّلَالُ ۖ فَأَنَّىٰ تُصْرَفُونَ ﴿٣٢﴾ كَذَٰلِكَ
حَقَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ عَلَى الَّذِينَ فَسَقُوا أَنَّهُمْ لَا يُؤْمِنُونَ ﴿٣٣﴾

جن چڱائي ڪئي تن لاءِ (اهڙي) چڱائي بلڪ وڌيڪ آهي- ۽ سندن منهن کي نڪي ڪارنهن ۽ نڪي خواري ويڙهيندي- اِهي بهشتي آهن، اُهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن (٢٦). ۽ جن بڇڙائي ڪمائي تن لاءِ اُن جهڙي بڇڙي سزا آهي ۽ کين خواري ڍڪيندي- اُنهن کي الله (جي عذاب) کان ڪو بچائيندڙ نہ آهي، ڄڻڪ سندن منهن کي اونداهيءَ رات مان ٽڪرا ڍڪايا ويا آهن- اِهي دوزخي آهن، منجهس سدائين رهڻ وارا آهن (٢٧). ۽ جنهن ڏينهن اُنهن مڙني کي گڏ ڪنداسون وري مشرڪن کي چوندا سون تہ اوهين ۽ اوهان جا (الله سان ٺهرايل) شريڪ پنهنجي هنڌ بيهو، پوءِ سندن وچ ۾ جدائي وجهنداسون ۽ سندن شريڪ چوندا تہ (اوهين) اسان کي پوڄيندڙ نہ هيؤ (٢٨). پوءِ اسان جي ۽ اوهان جي وچ ۾ الله شاهد ڪافي آهي تہ اسين اوهان جي پوڄا کان ضرور بيخبر هئاسون (٢٩). اُن هنڌ سڀ ڪنهن ماڻهوءَ جيڪي اڳي موڪليو هوندو سو (اُهو) لهندو ۽ پنهنجي سچي ڌڻيءَ الله ڏانهن موٽايا ويندا ۽ جيڪو ٺاهه ٺاهيائون تي سو کائن ڀلجي ويندو (٣٠). چؤ تہ اوهان کي آسمان ۽ زمين مان ڪير روزي ڏيندو آهي؟ ڪنن ۽ اکين جو ڀيو ڪير مالڪ آهي ڇا؟ ۽ ڪير جيئري کي مئي مان ڪڍندو آهي؟ ۽ ڪير ڪمن کي رٿيندو آهي؟ پوءِ سنت ئي چوندا تہ الله! پوءِ چؤ تہ ڇو نہ ڊڄندا آهيو؟ (٣١). پوءِ اُهوئي اوهان جو سچو پالڻهار الله آهي، پوءِ سچ کان پوءِ گمراهيءَ کان سواءِ (ٻيو) ڇا آهي؟ پوءِ ڪيڏي جو ڪيڏي ڦيرايا وڃو ٿا؟ (٣٢). اهڙيءَ طرح تنهنجي پالڻهار جو حڪم اُنهن بدڪارن تي لازم ٿيو آهي جو اهي ايمان نہ آڻيندا (٣٣).

قُلْ هَلْ مِنْ شُرَكَآئِكُمْ مَّنْ يَّبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ ؕ قُلِ اللّٰهُ
يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ﴿۳۴﴾ قُلْ هَلْ مِنْ شُرَكَآئِكُمْ
مَّنْ يَّهْدِيْۤ اِلَى الْحَقِّ ؕ قُلِ اللّٰهُ يَهْدِيْ لِلْحَقِّ ؕ اَفَمَنْ يَّهْدِيْۤ
اِلَى الْحَقِّ اَحَقُّ اَنْ يُّتَّبَعَ اَمَّنْ لَّا يَهِدِّيْۤ اِلَّاۤ اَنْ يُّهْدٰى ۚ فَمَا لَكُمْ
كَيْفَ تَحْكُمُوْنَ ﴿۳۵﴾ وَمَا يَتَّبِعُ اَكْثَرُهُمْ اِلَّا ظَنًّا ؕ اِنَّ الظَّنَّ لَا يُغْنِيْ
مِنَ الْحَقِّ شَيْـًٔا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِمَا يَفْعَلُوْنَ ﴿۳۶﴾ وَمَا كَانَ هٰذَا
الْقُرْاٰنُ اَنْ يُّفْتَرٰى مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلٰكِنْ تَصْدِيْقَ الَّذِيْ
بَيْنَ يَدَيْهِ وَتَفْصِيْلَ الْكِتٰبِ لَا رَيْبَ فِيْهِ مِنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۳۷﴾
اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ؕ قُلْ فَاْتُوْا بِسُوْرَةٍ مِّثْلِهٖ وَادْعُوْا مَنِ
اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۳۸﴾ بَلْ كَذَّبُوْا
بِمَا لَمْ يُحِيْطُوْا بِعِلْمِهٖ وَلَمَّا يَاْتِهِمْ تَاْوِيْلُهٗ ؕ كَذٰلِكَ كَذَّبَ
الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۳۹﴾ وَ
مِنْهُمْ مَّنْ يُّؤْمِنُ بِهٖ وَمِنْهُمْ مَّنْ لَّا يُؤْمِنُ بِهٖ ؕ وَرَبُّكَ اَعْلَمُ
بِالْمُفْسِدِيْنَ ﴿۴۰﴾ وَاِنْ كَذَّبُوْكَ فَقُلْ لِّيْ عَمَلِيْ وَلَكُمْ عَمَلُكُمْ ۚ
اَنْتُمْ بَرِيْٓـُٔوْنَ مِمَّاۤ اَعْمَلُ وَاَنَا بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿۴۱﴾

چؤ تہ اوهان جي معبودن مان ڪو آهي ڇا جيڪو خلق کي نئين سر بڻائي وري ڪين (ماري) موٽائي جياري چؤ تہ الله نئين سر خلق کي بڻائي ٿو وري ڪيس موٽائي جياريندو، پوءِ اوهين ڪيڏي جو ڪيڏي ڦيرايا ويندا آهيو؟ (٣۴). چؤ تہ اوهان جي معبودن مان ڪو آهي جو حق ڏانهن ڪنهن کي هدايت ڪري؟ چؤ تہ الله حق ڏانهن سڌو رستو ڏيکاريندو آهي- پوءِ جيڪو حق ڏانهن سڌو رستو ڏيکاري سو تابعداري ڪرڻ جو وڌيڪ حقدار آهي يا اُهو جيڪو (پاڻ) رستي ڏيکارڻ کان سواءِ رستو نہ لهندو هجي؟ پوءِ اوهان کي ڇا ٿيو؟ ڪيئن فيصلو ڪريو ٿا! (٣٥). ۽ اُنهن مان گهڻا رڳو گمان تي هلندا آهن- بيشڪ گمان سچ جي پورائي ڪجھ بہ نہ ڪندو آهي- بيشڪ جيڪي ڪندا آهن سو الله ڄاڻندڙ آهي (٣٦). ۽ هيءُ قرآن الله کان سواءِ ڪنهن جو بڻايل نہ آهي پر ڪانئس اڳ جيڪي ڪتاب آهن تن جي تصديق ڪندڙ آهي ۽ حڪمن کي کولي بيان ڪندڙ آهي منجهس ڪو شڪ نہ آهي (تہ) جهانن جي پالڻهار کان آهي (٣٧). يا چوندا آهن تہ (محمد ﷺ) اُهو پاڻون ناهيو آهي- چؤ تہ جيڪڏهن سچا آهيو تہ ان جهڙي ڪا سورت آڻيو ۽ الله کان سواءِ جنهن کي (سڏي) سگهو تنهن کي سڏيو (٣٨). بلڪ جنهن علم کي پهچي نہ سگهيا تنهن کي ڪوڙ ڀانيائون ۽ اجا وٽن سندس وعدن جي سچائي نہ آئي آهي- جيڪي کانئن اڳ هئا تن بہ اهڙيءَ طرح ڪوڙ ڀانيو هو پوءِ ڏس تہ ظالمن جي پڇاڙي ڪهڙيءَ طرح ٿي! (٣٩). ۽ منجهانئن ڪو اُن (قرآن) تي ايمان آڻيندو آهي ۽ منجهانئن ڪو اُن تي ايمان نہ آڻيندو آهي- ۽ تنهنجو پالڻهار فساد ڪندڙن کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي (۴٠). ۽ جيڪڏهن توکي ڪوڙو ڀانئين تہ چؤ مون لاءِ منهنجو عمل ۽ اوهان لاءِ اوهانجو عمل آهي. جيڪي (آءٌ) ڪريان ٿو تنهن کان اوهين ڇٽل آهيو ۽ جيڪي (اوهين) ڪريو ٿا تنهن کان آءٌ بيزار آهيان (۴١).

وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّسْتَمِعُوْنَ اِلَيْكَ ؕ اَفَاَنْتَ تُسْمِعُ الصُّمَّ وَلَوْ كَانُوْا
لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿٤٢﴾ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّنْظُرُ اِلَيْكَ ؕ اَفَاَنْتَ تَهْدِی الْعُمْیَ وَ
لَوْ كَانُوْا لَا يُبْصِرُوْنَ ﴿٤٣﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَظْلِمُ النَّاسَ شَيْـًٔا وَّلٰكِنَّ
النَّاسَ اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿٤٤﴾ وَيَوْمَ يَحْشُرُهُمْ كَاَنْ لَّمْ يَلْبَثُوْۤا اِلَّا
سَاعَةً مِّنَ النَّهَارِ يَتَعَارَفُوْنَ بَيْنَهُمْ ؕ قَدْ خَسِرَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا
بِلِقَآءِ اللّٰهِ وَمَا كَانُوْا مُهْتَدِيْنَ ﴿٤٥﴾ وَاِمَّا نُرِيَنَّكَ بَعْضَ الَّذِیْ
نَعِدُهُمْ اَوْ نَتَوَفَّيَنَّكَ فَاِلَيْنَا مَرْجِعُهُمْ ثُمَّ اللّٰهُ شَهِيْدٌ عَلٰى مَا
يَفْعَلُوْنَ ﴿٤٦﴾ وَلِكُلِّ اُمَّةٍ رَّسُوْلٌ ۚ فَاِذَا جَآءَ رَسُوْلُهُمْ قُضِیَ بَيْنَهُمْ
بِالْقِسْطِ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ
كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٤٨﴾ قُلْ لَّاۤ اَمْلِكُ لِنَفْسِیْ ضَرًّا وَّلَا نَفْعًا اِلَّا مَا شَآءَ
اللّٰهُ ؕ لِكُلِّ اُمَّةٍ اَجَلٌ ؕ اِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ فَلَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً
وَّلَا يَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿٤٩﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَتٰىكُمْ عَذَابُهٗ بَيَاتًا اَوْ نَهَارًا
مَّاذَا يَسْتَعْجِلُ مِنْهُ الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٥٠﴾ اَثُمَّ اِذَا مَا وَقَعَ اٰمَنْتُمْ بِهٖ ؕ
آٰلْـٰٔنَ وَقَدْ كُنْتُمْ بِهٖ تَسْتَعْجِلُوْنَ ﴿٥١﴾ ثُمَّ قِيْلَ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا
ذُوْقُوْا عَذَابَ الْخُلْدِ ۚ هَلْ تُجْزَوْنَ اِلَّا بِمَا كُنْتُمْ تَكْسِبُوْنَ ﴿٥٢﴾

۽ منجهانئن ڪي تو ڏانهن (ڪَن ڏيئي قرآن کي) ٻڌندا آهن پوءِ تون ٻوڙن کي ٻڌائيندين ڇا جيتوڻيڪ نہ سمجهندا هجن؟ (۴۲) . ۽ منجهانئن ڪوئي توڏانهن نهاريندو آهي پوءِ انڌن کي سڌو رستو ڏيکاريندين ڇا؟ جيتوڻيڪ ڏسندائي نہ هجن (۴۳) . الله ماڻهن تي ڪجهہ ئي ظلم نہ ڪندو آهي پر ماڻهو پاڻ تي پاڻ ظلم ڪندا آهن (۴۴) . ۽ جنهن ڏينهن (الله) کين گڏ ڪندو تنهن ڏينهن ڄڻڪ (دنيا ۾) ڏينهن جي هڪ گهڙيءَ کان سواءِ (وڌيڪ) ترسيائي نہ هئا پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي سڃاڻندا۔ بيشڪ جن الله جي ديدار کي ڪوڙ ڀانيو تن نقصان پاتو ۽ هدايت وارا نہ هئا (۴۵) . ۽ جيڪو انجام ساڻن ڪريون ٿا تنهن منجهان ڪجهہ جيڪڏهن توکي ڏيکاريون يا توکي فوت ڪريون تہ (هر حال ۾) سندن موٽڻ اسان ڏانهن آهي وري جيڪي ڪندا آهن تنهن تي الله شاهد آهي (۴٦) . ۽ سڀ ڪنهن اُمت لاءِ هڪ پيغمبر آهي، پوءِ جڏهن سندن پيغمبر آيو (تڏهن) سندن وچ ۾ انصاف سان نبيروڪيو ويو ۽ اُنهن تي ظلم نہ ڪيو ويو (۴۷) . ۽ چوندا آهن تہ جيڪڏهن اوهين سچا آهيو تہ اهو انجام ڪڏهن ٿيندو؟ (۴۸) . چؤ تہ (آءٌ) الله جي مرضيءَ کان سواءِ پاڻ کي نہ ڪي ڏک ۽ نہ ڪي سک پهچائي سگهان ٿو سڀ ڪنهن اُمت لاءِ هڪ مدت آهي۔ جڏهن سندن (ٺهرايل) مدت پهچي ٿي تڏهن هڪ گهڙي نڪي دير ڪندا ۽ نڪي اڳيرو ويندا (۴۹) . چؤ تہ مون کي خبر ڏيو تہ جيڪڏهن سندس عذاب رات جو يا ڏينهن جو اوهان تي اچي (تہ ڇا ڪري سگهندؤ)؟ ڏوهاري اُن مان ڇاجي تڪڙ گهرندا آهن؟ (۵۰) . وري جنهن مهل (اُهو) پهچندو (تنهن مهل) اُن تي ايمان آڻيندؤ ڇا؟ (چيو ويندن تہ) هاڻي (مڃيوَ)؟ ۽ بيشڪ (اڳي) اُن کي تڪڙو گهرندا هيؤ (۵۱) . وري ظالمن کي چيو ويندو تہ هميشگيءَ وارو عذاب چکو، جيڪي اوهين ڪمائيندا هيؤ تنهن کان سواءِ ٻيو ڪو بدلو اوهان کي نہ ڏبو (۵۲) .

وَيَسْتَنْۢبِـُٔوْنَكَ اَحَقٌّ هُوَ ؕ قُلْ اِيْ وَرَبِّيْۤ اِنَّهٗ لَحَقٌّ ؕ وَمَاۤ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ﴿۵۳﴾ ع
وَلَوْ اَنَّ لِكُلِّ نَفْسٍ ظَلَمَتْ مَا فِي الْاَرْضِ لَافْتَدَتْ بِهٖ ؕ وَاَسَرُّوا النَّدَامَةَ
لَمَّا رَاَوُا الْعَذَابَ ۚ وَقُضِيَ بَيْنَهُمْ بِالْقِسْطِ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿۵۴﴾ اَلَاۤ
اِنَّ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّلٰكِنَّ
اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۵۵﴾ هُوَ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿۵۶﴾ يٰۤاَيُّهَا
النَّاسُ قَدْ جَآءَتْكُمْ مَّوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَشِفَآءٌ لِّمَا فِي الصُّدُوْرِ ۙ۬
وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۵۷﴾ قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَبِرَحْمَتِهٖ
فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْا ؕ هُوَ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ ﴿۵۸﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ مَّاۤ اَنْزَلَ
اللّٰهُ لَكُمْ مِّنْ رِّزْقٍ فَجَعَلْتُمْ مِّنْهُ حَرَامًا وَّحَلٰلًا ؕ قُلْ آٰللّٰهُ اَذِنَ
لَكُمْ اَمْ عَلَى اللّٰهِ تَفْتَرُوْنَ ﴿۵۹﴾ وَمَا ظَنُّ الَّذِيْنَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ
الْكَذِبَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ
اَكْثَرَهُمْ لَا يَشْكُرُوْنَ ﴿۶۰﴾ ع وَمَا تَكُوْنُ فِيْ شَاْنٍ وَّمَا تَتْلُوْا مِنْهُ مِنْ
قُرْاٰنٍ وَّلَا تَعْمَلُوْنَ مِنْ عَمَلٍ اِلَّا كُنَّا عَلَيْكُمْ شُهُوْدًا اِذْ تُفِيْضُوْنَ
فِيْهِ ؕ وَمَا يَعْزُبُ عَنْ رَّبِّكَ مِنْ مِّثْقَالِ ذَرَّةٍ فِي الْاَرْضِ وَلَا
فِي السَّمَآءِ وَلَاۤ اَصْغَرَ مِنْ ذٰلِكَ وَلَاۤ اَكْبَرَ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ﴿۶۱﴾

۽ توکان خبر پڇندا آهن تہ اِهو (وعدو) سچ آهي؟ چؤ تہ هائو! مون کي پنهنجي پالڻهار جو قسم آهي تہ ضرور سچ آهي، ۽ اوهين ٿڪائڻ وارا نہ آهيو (٥٣). ۽ جيڪڏهن سڀ ڪنهن ظلم ڪندڙ شخص کي جيڪي زمين ۾ آهي سو (سڀ) هجي ها تہ ضرور پنهنجي عوض ڏئي ها! ۽ جڏهن عذاب ڏسندا تڏهن اندر (ئي اندر) ۾ لڄي ٿيندا، ۽ سندن وچ ۾ انصاف سان نبيرو ڪيو ويندو ۽ اُنهن تي ظلم نہ ڪبو (٥٤). خبردار! جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو الله جو آهي- (پنهنجي عوض ڏيئي نہ سگهندؤ) خبردار الله جو انجام سچو آهي پر اُنهن مان گهڻا نہ ڄاڻندا آهن (٥٥). اُهو جيارينڌو آهي ۽ مارينڌو آهي ۽ اوهين ڏانهس موٽايا ويندؤ (٥٦). اي انسانو! اوهان جي پالڻهار کان اوهان وٽ نصيحت ۽ جيڪا (بيماري) سينن ۾ آهي تنهن لاءِ شفا ۽ مؤمن لاءِ هدايت ۽ رحمت آئي آهي (٥٧). چؤ تہ الله جي فضل سان ۽ سندس ٻاجهہ سان (قرآن نازل ٿيو آهي) پوءِ اُن سان خوش ٿيڻ گهرجين- جيڪي گڏ ڪندا آهن تنهن کان اُهو ڀلو آهي (٥٨). چؤ تہ ڪجهہ ڏسو ٿا؟ تہ الله روزيءَ مان جيڪي اوهان لاءِ لاٿو آهي پوءِ منجهانئس اوهان (پاڻ) ڪجهہ حرام ۽ ڪجهہ حلال ڪيو آهي- چؤ تہ الله اوهان کي موڪل ڏني آهي ڇا يا الله تي ناحق ٺاهيندا آهيو؟ (٥٩). ۽ جيڪي الله تي ڪوڙ ٺاهيندا آهن تن کي قيامت جي ڏينهن ڪهڙو گمان آهي (تہ ڪين عذاب نہ ڪندو ڇا)؟ بيشڪ الله ماڻهن تي ضرور وڏي فضل ڪرڻ وارو آهي پر اُنهن مان گهڻا شڪرانو نہ ڪندا آهن (٦٠). ۽ ڪنهن بہ حال ۾ نہ هوندو آهين ۽ الله جي طرف کان آيل قرآن مان جيڪي ڪجهہ پڙهندو آهين ۽ ڪوبہ ڪم اوهين نہ ڪندا آهيو جڏهن منجهس لڳا رهندا آهيو مگر اسين (هر حال ۾) اوهان وٽ حاضر هوندا آهيون- ۽ تنهنجي پالڻهار کان ذري جيترو بہ نہ ڪي زمين ۾ نہ ڪي آسمان ۾ (ڪجهہ) ڳجهو رهندو آهي ۽ نہ ڪي اُن کان ٿورو ۽ نہ ڪي گهڻو، پر (سڀ) پڌري ڪتاب ۾ (لکيل) آهي (٦١).

أَلَآ إِنَّ أَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٦٢﴾
الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ ﴿٦٣﴾ لَهُمُ الْبُشْرٰى فِي الْحَيٰوةِ
الدُّنْيَا وَفِي الْاٰخِرَةِ ۚ لَا تَبْدِيْلَ لِكَلِمٰتِ اللّٰهِ ۚ ذٰلِكَ هُوَ
الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿٦٤﴾ وَلَا يَحْزُنْكَ قَوْلُهُمْ ۘ إِنَّ الْعِزَّةَ لِلّٰهِ
جَمِيْعًا ۚ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٦٥﴾ أَلَآ إِنَّ لِلّٰهِ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ
وَمَنْ فِي الْأَرْضِ ۚ وَمَا يَتَّبِعُ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ
دُوْنِ اللّٰهِ شُرَكَآءَ ۚ إِنْ يَّتَّبِعُوْنَ إِلَّا الظَّنَّ وَإِنْ هُمْ إِلَّا
يَخْرُصُوْنَ ﴿٦٦﴾ هُوَ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ لِتَسْكُنُوْا
فِيْهِ وَالنَّهَارَ مُبْصِرًا ۚ إِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ
يَّسْمَعُوْنَ ﴿٦٧﴾ قَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا سُبْحٰنَهٗ ۚ هُوَ الْغَنِيُّ ۚ
لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْأَرْضِ ۚ إِنْ عِنْدَكُمْ مِّنْ
سُلْطٰنٍ بِهٰذَا ۚ أَتَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٦٨﴾
قُلْ إِنَّ الَّذِيْنَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ لَا
يُفْلِحُوْنَ ﴿٦٩﴾ مَتَاعٌ فِي الدُّنْيَا ثُمَّ إِلَيْنَا مَرْجِعُهُمْ ثُمَّ
نُذِيْقُهُمُ الْعَذَابَ الشَّدِيْدَ بِمَا كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ ﴿٧٠﴾

خبردار! اللهٰ جي پيارن کي نڪي ڀؤ آهي ۽ نڪي اُهي غمگين رهندا (٦٢). جن ايمان آندو ۽ پرهيزگاري ڪئي اٿن (٦٣). تن لاءِ دنيا جي حياتيءَ ۽ آخرت ۾ خوشخبري آهي- اللهٰ جي حڪمن کي ڪا ڦير گهير ڪانهي- اِها ئي وڏي مراد ماڻڻ آهي (٦٤). ۽ سندن ڪا ڳالهه توکي نه ڏکوئي- بيشڪ سمورو غلبو اللهٰ جو ئي آهي- اُهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٦٥). خبردار! جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو يقيناً اللهٰ جو آهي- ۽ جيڪي اللهٰ کان سواءِ ٻين شريڪن جي عبادت ڪندا آهن سي (حقيقت ۾) گمان کان سواءِ ٻئي جي تابعداري نه ڪندا آهن ۽ اُهي رڳو اٽڪلبازي هلندا آهن (٦٦). اُهو (اللهٰ) آهي جنهن اوهان لاءِ رات کي هن ڪري بڻايو ته منجهس آرام ڪريو ۽ ڏينهن کي روشن بڻايائين بيشڪ اِن ۾ ٻڌندڙ قوم لاءِ نشانيون آهن (٦٧). ڪافر چون ٿا ته اللهٰ (پنهنجي لاءِ) اولاد ورتو آهي، اُهو پاڪ آهي- اُهو بي پرواه آهي- جيڪي آسمانن ۾ آهي، ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو اُن جو آهي- هن (پٽ جي چوڻ) بابت اوهان وٽ ڪا سند نه آهي- جيڪي نه ڄاڻندا آهيو سو ڇو اللهٰ تي چوندا آهيو؟ (٦٨). چؤ ته جيڪي اللهٰ تي ڪوڙو ناه ناهيندا آهن سي يقيناً نه ڇٽندا (٦٩). دنيا ۾ ڪجهه آسودو گذران هوندن وري اسان وٽ سندن موٽڻ آهي وري کين اِنهيءَ سببان سخت عذاب چکائيندا سون جو ڪفر ڪندا آهن (٧٠).

وَاتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَاَ نُوْحٍ اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ اِنْ كَانَ كَبُرَ عَلَيْكُمْ
مَّقَامِيْ وَتَذْكِيْرِيْ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَعَلَى اللّٰهِ تَوَكَّلْتُ فَاَجْمِعُوْٓا
اَمْرَكُمْ وَشُرَكَآءَكُمْ ثُمَّ لَا يَكُنْ اَمْرُكُمْ عَلَيْكُمْ غُمَّةً ثُمَّ اقْضُوْٓا اِلَيَّ وَ
لَا تُنْظِرُوْنِ ﴿٧١﴾ فَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَمَا سَاَلْتُكُمْ مِّنْ اَجْرٍ ؕ اِنْ اَجْرِيَ
اِلَّا عَلَى اللّٰهِ ۙ وَاُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٧٢﴾ فَكَذَّبُوْهُ
فَنَجَّيْنٰهُ وَمَنْ مَّعَهٗ فِي الْفُلْكِ وَجَعَلْنٰهُمْ خَلٰٓئِفَ وَاَغْرَقْنَا
الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۚ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُنْذَرِيْنَ ﴿٧٣﴾
ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْ بَعْدِهٖ رُسُلًا اِلٰى قَوْمِهِمْ فَجَآءُوْهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ
فَمَا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا بِمَا كَذَّبُوْا بِهٖ مِنْ قَبْلُ ؕ كَذٰلِكَ نَطْبَعُ عَلٰى
قُلُوْبِ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿٧٤﴾ ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْ بَعْدِهِمْ مُّوْسٰى وَهٰرُوْنَ اِلٰى
فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ بِاٰيٰتِنَا فَاسْتَكْبَرُوْا وَكَانُوْا قَوْمًا مُّجْرِمِيْنَ ﴿٧٥﴾
فَلَمَّا جَآءَهُمُ الْحَقُّ مِنْ عِنْدِنَا قَالُوْٓا اِنَّ هٰذَا لَسِحْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٧٦﴾
قَالَ مُوْسٰٓى اَتَقُوْلُوْنَ لِلْحَقِّ لَمَّا جَآءَكُمْ ؕ اَسِحْرٌ هٰذَا ؕ وَلَا يُفْلِحُ
السّٰحِرُوْنَ ﴿٧٧﴾ قَالُوْٓا اَجِئْتَنَا لِتَلْفِتَنَا عَمَّا وَجَدْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا
وَتَكُوْنَ لَكُمَا الْكِبْرِيَآءُ فِي الْاَرْضِ ؕ وَمَا نَحْنُ لَكُمَا بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿٧٨﴾

۽ نوح جو قصو کين پڙهي ٻڌاءِ- جڏهن پنهنجي قوم کي چيائين ته اي منهنجي قوم! جيڪڏهن منهنجو رهڻ ۽ الله جي آيتن سان منهنجي نصيحت ڏيڻ اوهان تي ڳري ٿي آهي ته الله تي ڀروسو ڪيم پوءِ پنهنجي رٿا ۽ پنهنجن شريڪن جي مدد سان گڏجي صلاح ڪريو پوءِ اوهانجي رٿا اوهان کان ڳجهي نه رهي ته پوءِ مون سان (جو وڻيوَ سو) ڪري گذرو ۽ مون کي دير نه ڏيو (٧١). پوءِ جيڪڏهن (منهنجي چوڻ کان) ڦريؤ (ته ڇا ٿيو؟) مون اوهان کان ڪو اُجورو نه گهريو هو، منهنجو اجورو الله کان سواءِ ٻئي تي نه آهي ۽ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي ته مسلمانن مان هجان (٧٢). پوءِ کيس ڪوڙو ڀانيائون پوءِ کيس ۽ جيڪي ٻيڙيءَ ۾ ساڻس هئا تن کي بچايوسون ۽ کين اُنهن (ڪافرن) جو جانشين ڪيوسون، ۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڀانيو تن کي ٻوڙيوسون، پوءِ ڏس ته جن کي ڊيڄاريو ويو هو تن جي پڇاڙي ڪهڙيءَ طرح ٿي! (٧٣). وري ان (نوح) کان پوءِ (گهڻا) پيغمبر سندن قوم ڏانهن موڪليا سون پوءِ وٽن پڌرن معجزن سان آيا پوءِ اهڙا نه هئا جو جنهن شيءِ کي پهريائين ڪوڙ ڀانيو هئائون تنهن تي ايمان آڻين- اهڙيءَ طرح حد کان لنگهندڙن جي دلين تي مهر هڻندا آهيون (٧٤). وري کانئن پوءِ موسيٰ ۽ هارون کي فرعون ۽ سندس سردارن ڏانهن پنهنجن معجزن سميت موڪليوسون پوءِ وڏائي ڪيائون ۽ ڏوهارڻ قوم هئي (٧٥). پو ءِجنهن مهل وٽن اسان وٽان سچي ڳالهه آئي (تڏهن) چيائون ته بيشڪ هيءَ پڌرو جادو آهي (٧٦). موسيٰ چيو ته جڏهن اوهان وٽ حق آيو (تڏهن) اُن لاءِ ڇو چوندا آهيو (ته جادو آهي)؟ هيءُ جادو آهي ڇا؟ حالانڪ جادوگر ڪامياب نه ٿيندا آهن (٧٧). چيائون ته اسان وٽ هن لاءِ آيو آهين ڇا ته جنهن (ريت) تي اسان پنهنجا پيءُ ڏاڏا ڏٺا تنهن کان اسان کي ڦيرائين ۽ مُلڪ ۾ اوهان (ٻنهي) لاءِ وڏپ هجي؟ ۽ اسين اوهان ٻنهي کي مڃڻ وارا نه آهيون (٧٨).

وَقَالَ فِرْعَوْنُ ائْتُوْنِیْ بِكُلِّ سٰحِرٍ عَلِیْمٍ ﴿۷۹﴾ فَلَمَّا جَآءَ السَّحَرَةُ
قَالَ لَهُمْ مُّوْسٰۤى اَلْقُوْا مَاۤ اَنْتُمْ مُّلْقُوْنَ ﴿۸۰﴾ فَلَمَّاۤ اَلْقَوْا قَالَ مُوْسٰى
مَا جِئْتُمْ بِهِ ۙ السِّحْرُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَیُبْطِلُهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا یُصْلِحُ عَمَلَ
الْمُفْسِدِیْنَ ﴿۸۱﴾ وَیُحِقُّ اللّٰهُ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ وَلَوْ كَرِهَ الْمُجْرِمُوْنَ ﴿۸۲﴾ ع
فَمَاۤ اٰمَنَ لِمُوْسٰۤى اِلَّا ذُرِّیَّةٌ مِّنْ قَوْمِهٖ عَلٰى خَوْفٍ مِّنْ فِرْعَوْنَ
وَمَلَا۠ئِهِمْ اَنْ یَّفْتِنَهُمْ ؕ وَاِنَّ فِرْعَوْنَ لَعَالٍ فِی الْاَرْضِ ۚ وَاِنَّهٗ
لَمِنَ الْمُسْرِفِیْنَ ﴿۸۳﴾ وَقَالَ مُوْسٰى یٰقَوْمِ اِنْ كُنْتُمْ اٰمَنْتُمْ بِاللّٰهِ
فَعَلَیْهِ تَوَكَّلُوْۤا اِنْ كُنْتُمْ مُّسْلِمِیْنَ ﴿۸۴﴾ فَقَالُوْا عَلَى اللّٰهِ تَوَكَّلْنَا ۚ
رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا فِتْنَةً لِّلْقَوْمِ الظّٰلِمِیْنَ ﴿۸۵﴾ ۙ وَنَجِّنَا بِرَحْمَتِكَ مِنَ
الْقَوْمِ الْكٰفِرِیْنَ ﴿۸۶﴾ وَاَوْحَیْنَاۤ اِلٰى مُوْسٰى وَاَخِیْهِ اَنْ تَبَوَّاٰ
لِقَوْمِكُمَا بِمِصْرَ بُیُوْتًا وَّاجْعَلُوْا بُیُوْتَكُمْ قِبْلَةً وَّاَقِیْمُوا
الصَّلٰوةَ ؕ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِیْنَ ﴿۸۷﴾ وَقَالَ مُوْسٰى رَبَّنَاۤ اِنَّكَ
اٰتَیْتَ فِرْعَوْنَ وَمَلَاَهٗ زِیْنَةً وَّاَمْوَالًا فِی الْحَیٰوةِ الدُّنْیَا ۙ
رَبَّنَا لِیُضِلُّوْا عَنْ سَبِیْلِكَ ۚ رَبَّنَا اطْمِسْ عَلٰۤى اَمْوَالِهِمْ وَاشْدُدْ
عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَلَا یُؤْمِنُوْا حَتّٰى یَرَوُا الْعَذَابَ الْاَلِیْمَ ﴿۸۸﴾

۽ فرعون چيو ته سڀئي هوشيار جادوگر مون وٽ آڻيو (٧٩). پوءِ جنهن مهل جادوگر آيا (تنهن مهل) موسىٰ اُنهن کي چيو ته جيڪي اُڇلائڻو اٿو سو اوهين اُڇليو (٨٠). پوءِ جنهن مهل اُڇليائون (تنهن مهل) موسىٰ چيو ته جيڪي آندو اٿو سو جادو آهي- الله اُن کي سگهوئي باطل ڪندو- ڇو ته الله فسادين جو ڪم نه ٺاهيندو آهي (٨١). ۽ الله حق کي پنهنجي حڪم سان ثابت ڪندو آهي جيتوڻيڪ ڏوهاري ٻُڇان پائين (٨٢). پوءِ موسىٰ تي سندس قوم مان هڪ ٽوليءَ کان سواءِ، فرعون ۽ سندس سردارن کان ڊڄڻ جي ڪري ته متان کين ايذائين (ڪنهن) ايمان نه آندو- ۽ بيشڪ فرعون (اُن) ملڪ ۾ هٺيلو هو، ۽ اُهو ضرور حد کان لنگهندڙن مان هو (٨٣). ۽ موسىٰ چيو ته اي منهنجي قوم! جيڪڏهن اوهان الله تي ايمان آندو آهي ته جي مسلمان آهيو ته مٿس ڀروسو ڪريو (٨٤). پوءِ چيائون ته الله تي ڀروسو ڪيوسون، اي اسان جا پالڻهار! اسان کي ظالمن جي قوم جي پرک نه ڪر (٨٥). ۽ ڪافرن جي قوم کان پنهنجي ٻاجھ سان اسان کي بچاءِ! (٨٦). ۽ موسىٰ ۽ سندس ڀاءُ ڏانهن وحي ڪيوسون ته اوهين پنهنجي قوم لاءِ مصر ۾ گهر ٺاهيو ۽ (اُنهن) پنهنجن گهرن کي قبلي جي سامهون ڪريو ۽ نماز پڙهو- ۽ مؤمنن کي خوشخبري ڏي (٨٧). ۽ موسىٰ چيو ته اي اسان جا پالڻهار! تو فرعون ۽ سندس سردارن کي سينگار ۽ (گهڻو) مال دنيا جي حياتيءَ ۾ (هن لاءِ) ڏنو آهي ته اي اسان جا پالڻهار! تنهنجي واٽ کان ماڻهن کي ڀُلائين! اي اسان جا پالڻهار! سندن مال کي ناس ڪر ۽ سندين دلين تي مهر هڻ جو جيستائين ڏکوئيندڙ عذاب (نه) ڏسن تيستائين ايمان نه آڻين (٨٨).

قَالَ قَدْ اُجِيْبَتْ دَّعْوَتُكُمَا فَاسْتَقِيْمَا وَلَا تَتَّبِعٰٓنِّ سَبِيْلَ
الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٨٩﴾ وَجٰوَزْنَا بِبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ الْبَحْرَ فَاَتْبَعَهُمْ
فِرْعَوْنُ وَجُنُوْدُهٗ بَغْيًا وَّعَدْوًا ۭ حَتّٰٓى اِذَآ اَدْرَكَهُ الْغَرَقُ ۙ قَالَ
اٰمَنْتُ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا الَّذِيْٓ اٰمَنَتْ بِهٖ بَنُوْٓا اِسْرَآءِيْلَ وَ
اَنَا مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٩٠﴾ اٰۗلْئٰنَ وَقَدْ عَصَيْتَ قَبْلُ وَكُنْتَ مِنَ
الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٩١﴾ فَالْيَوْمَ نُنَجِّيْكَ بِبَدَنِكَ لِتَكُوْنَ لِمَنْ خَلْفَكَ
اٰيَةً ۭ وَاِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ عَنْ اٰيٰتِنَا لَغٰفِلُوْنَ ﴿٩٢﴾ ع وَلَقَدْ
بَوَّاْنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ مُبَوَّاَ صِدْقٍ وَّرَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ ۚ
فَمَا اخْتَلَفُوْا حَتّٰى جَاۗءَهُمُ الْعِلْمُ ۭ اِنَّ رَبَّكَ يَقْضِيْ بَيْنَهُمْ
يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿٩٣﴾ فَاِنْ كُنْتَ فِيْ شَكٍّ
مِّمَّآ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ فَسْــَٔـلِ الَّذِيْنَ يَقْرَءُوْنَ الْكِتٰبَ مِنْ
قَبْلِكَ ۚ لَقَدْ جَاۗءَكَ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿٩٤﴾ ۙ
وَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَتَكُوْنَ مِنَ
الْخٰسِرِيْنَ ﴿٩٥﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ حَقَّتْ عَلَيْهِمْ كَلِمَتُ رَبِّكَ لَا
يُؤْمِنُوْنَ ﴿٩٦﴾ ۙ وَلَوْ جَاۗءَتْهُمْ كُلُّ اٰيَةٍ حَتّٰى يَرَوُا الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ ﴿٩٧﴾

الله چيو تہ بيشڪ اوهان (ٻنهي) جي دعا قبول ڪئي ويئي پوءِ ٻئي مضبوط ٿي بيهو ۽ جيڪي نہ ڄاڻندا آهن تن جي طريقي جي تابعداري نہ ڪريو (٨٩). ۽ بني اسرائيلن کي سمنڊ ڪان پار ڪيوسون پوءِ فرعون ۽ سندس لشڪر ظلم ۽ سرڪشي ڪرڻ لاءِ سندن پٺيان پيا، حتاڪ (فرعون لشڪر سوڌو) ٻڏڻ لڳو (تڏهن فرعون) چيو تہ ايمان آندم، (سچ آهي) تہ جنهن تي بني اسرائيلن ايمان آندو آهي تنهن کان سواءِ ڪوئي عبادت جو لائق نہ آهي ۽ آءُ مسلمانن منجهان آهيان (٩٠). (چيو ويس تہ) هاڻي (تو ايمان آڻين)؟ ۽ بيشڪ اڳ تو نافرماني ڪئي ۽ فسادين مان هئين (٩١). پوءِ اڄ توکي تنهنجي لاشي سوڌو هن لاءِ بچائينداسون (۽ ٻيٽار تي اُڇلينداسون) تہ جيڪي توکان پوءِ اچن تن لاءِ نشاني هجين- ۽ ماڻهن مان گهڻا اسان جي نشانين کان ضرور بيخبر آهن (٩٢). ۽ بيشڪ بني اسرائيلن کي چڱي هنڌ رهڻ جي جاءِ ڏني سون ۽ کين سٺين شين مان روزي ڏني سون، پوءِ (ايستائين) اختلاف نہ ڪيائون جيستائين وٽن علم (يعني قرآن نہ) آيو- بيشڪ تنهنجو پالڻهار جنهن ڳالھ بابت جهڳڙو ڪندا آهن تنهن جو قيامت ڏينهن سندن وچ ۾ فيصلو ڪندو (٩٣). پوءِ جيڪي تو ڏانهن نازل ڪيوسون تنهن کان جيڪڏهن شڪ ۾ آهين تہ جيڪي توکان اڳ ڪتاب پڙهندا آهن تن کان پڇ، بيشڪ تنهنجي پالڻهار کان توڏانهن حق آيو آهي پوءِ تون شڪ ڪندڙن مان نہ هج (٩٤). ۽ نڪي تون اُنهن مان هج جن الله جي آيتن کي ڪوڙ ڄاتو نہ تہ تون خساري وارن مان ٿيندين (٩٥). بيشڪ جن تي پنهنجي پالڻهار (جي عذاب) جو حڪم لازم ٿي چڪو آهي سي ايمان نہ آڻيندا (٩٦). جيتوڻيڪ وٽن سڀ دليل اچن. جيستائين ڪو ڏکوئيندڙ عذاب ڏسن (٩٧).

فَلَوْلَا كَانَتْ قَرْيَةٌ اٰمَنَتْ فَنَفَعَهَآ اِيْمَانُهَآ اِلَّا قَوْمَ يُوْنُسَ ؕ لَمَّآ
اٰمَنُوْا كَشَفْنَا عَنْهُمْ عَذَابَ الْخِزْيِ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَمَتَّعْنٰهُمْ
اِلٰى حِيْنٍ ﴿٩٨﴾ وَلَوْ شَآءَ رَبُّكَ لَاٰمَنَ مَنْ فِي الْاَرْضِ كُلُّهُمْ جَمِيْعًا ؕ
اَفَاَنْتَ تُكْرِهُ النَّاسَ حَتّٰى يَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ ﴿٩٩﴾ وَمَا كَانَ لِنَفْسٍ
اَنْ تُؤْمِنَ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَيَجْعَلُ الرِّجْسَ عَلَى الَّذِيْنَ لَا
يَعْقِلُوْنَ ﴿١٠٠﴾ قُلِ انْظُرُوْا مَاذَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَمَا تُغْنِي
الْاٰيٰتُ وَالنُّذُرُ عَنْ قَوْمٍ لَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٠١﴾ فَهَلْ يَنْتَظِرُوْنَ اِلَّا
مِثْلَ اَيَّامِ الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ قُلْ فَانْتَظِرُوْٓا اِنِّيْ مَعَكُمْ
مِّنَ الْمُنْتَظِرِيْنَ ﴿١٠٢﴾ ثُمَّ نُنَجِّيْ رُسُلَنَا وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كَذٰلِكَ ۚ
حَقًّا عَلَيْنَا نُنْجِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٣﴾ قُلْ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنْ كُنْتُمْ فِيْ
شَكٍّ مِّنْ دِيْنِيْ فَلَآ اَعْبُدُ الَّذِيْنَ تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ
وَلٰكِنْ اَعْبُدُ اللّٰهَ الَّذِيْ يَتَوَفّٰىكُمْ ۖۚ وَاُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ
الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٤﴾ وَاَنْ اَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّيْنِ حَنِيْفًا ۚ وَلَا تَكُوْنَنَّ
مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٠٥﴾ وَلَا تَدْعُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنْفَعُكَ وَ
لَا يَضُرُّكَ ۚ فَاِنْ فَعَلْتَ فَاِنَّكَ اِذًا مِّنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٠٦﴾

يونس جي قوم کان سواءِ ڪن ٻوٽن (وارن عذاب تيڻ وقت) ڇو نہ ايمان آندو؟ تہ سندن ايمان ڪين فائدو ڏئي ها۔ جنهن مهل (يونس جي قوم) ايمان آندو (تنهن مهل) خواريءَ وارو عذاب دنيا جي حياتيءَ ۾ کائنن لاٿوسون ۽ کين (ڪجھ) وقت تائين فائدو ڏنوسون (٩٨). ۽ جيڪڏهن تنهنجو پالڻهار گهري ها تہ جيڪي زمين ۾ آهن سي سيئي ضرور ايمان آڻين ها۔ پوءِ تون ماڻهن کي زور ڪندين ڇا تہ مؤمن ٿين؟ (٩٩). ۽ڪنهن بہ شخص کي الله جي گهر کان سواءِ مؤمن ٿيڻ جو اختيار ئي نہ آهي۔ ۽ جيڪي نہ ڄاڻندا آهن تن تي (ڪفر جي) پليتي رکندو آهي (١٠٠). چؤ تہ نهاريو تہ آسمانن ۽ زمين ۾ ڪهڙيون (سندس قدرتون) آهن؟ ۽ نہ مڃيندڙ قوم کي نشانيون ۽ ڊيڄاريندڙ فائدو نہ ڏيندا آهن (١٠١). پوءِ اُنهن جهڙين مصيبتن کان سواءِ انتظار نہ ڪندا آهن جيڪي کائنن اڳ گذري ويون (کين) چؤ تہ انتظار ڪريو آءٌ بہ اوهان سان گڏ انتظار ڪندڙن مان آهيان (١٠٢). وري اسين پيغمبرن کي ۽ جن ايمان آندو تن کي بچائيندا آهيون اهڙي طرح، اسان تي حق آهي تہ مؤمنن کي بچايون (١٠٣). چؤ تہ اي انسانؤ! جيڪڏهن منهنجي دين کان شڪ ۾ آهيو تہ (ٻڌو تہ) الله کان سواءِ جن کي پوڄيندا آهيو تن کي نہ پوڄيندس پر اُن الله کي پوڄيندس جيڪو اوهان کي ماريندو آهي، ۽ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ مؤمنن مان هجان (١٠٤). ۽ (هيءُ) تہ پنهنجي مهاڙ کي دين لاءِ هڪ طرفو ٿي سڌو ڪر ۽ مشرڪن مان نہ هج! (١٠٥). ۽ الله کان سواءِ اُنهي جي عبادت نہ ڪر جيڪو توکي نڪي سک پهچائي ۽ نڪي ڏک پهچائي، پوءِ جيڪڏهن (ائين) ڪندين تہ اُنهي مهل تون ظالمن مان ٿيندين (١٠٦).

وَاِنْ يَّمْسَسْكَ اللّٰهُ بِضُرٍّ فَلَا كَاشِفَ لَهٗۤ اِلَّا هُوَ ۚ وَاِنْ يُّرِدْكَ
بِخَيْرٍ فَلَا رَآدَّ لِفَضْلِهٖ ؕ يُصِيْبُ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ؕ وَهُوَ
الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿۱۰۷﴾ قُلْ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمُ الْحَقُّ مِنْ
رَّبِّكُمْ ۚ فَمَنِ اهْتَدٰى فَاِنَّمَا يَهْتَدِيْ لِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ ضَلَّ فَاِنَّمَا
يَضِلُّ عَلَيْهَا ؕ وَمَآ اَنَا عَلَيْكُمْ بِوَكِيْلٍ ﴿۱۰۸﴾ وَاتَّبِعْ مَا يُوْحٰۤى
اِلَيْكَ وَاصْبِرْ حَتّٰى يَحْكُمَ اللّٰهُ ۚ وَهُوَ خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿۱۰۹﴾

## سُوْرَةُ هُوْدٍ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الٓرٰ ۚ كِتٰبٌ اُحْكِمَتْ اٰيٰتُهٗ ثُمَّ فُصِّلَتْ مِنْ لَّدُنْ حَكِيْمٍ خَبِيْرٍ ﴿۱﴾ اَلَّا
تَعْبُدُوْۤا اِلَّا اللّٰهَ ؕ اِنَّنِيْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ وَّبَشِيْرٌ ﴿۲﴾ وَّاَنِ اسْتَغْفِرُوْا
رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْۤا اِلَيْهِ يُمَتِّعْكُمْ مَّتَاعًا حَسَنًا اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّى وَّ
يُؤْتِ كُلَّ ذِيْ فَضْلٍ فَضْلَهٗ ؕ وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنِّيْۤ اَخَافُ عَلَيْكُمْ
عَذَابَ يَوْمٍ كَبِيْرٍ ﴿۳﴾ اِلَى اللّٰهِ مَرْجِعُكُمْ ۚ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۴﴾
اَلَاۤ اِنَّهُمْ يَثْنُوْنَ صُدُوْرَهُمْ لِيَسْتَخْفُوْا مِنْهُ ؕ اَلَا حِيْنَ يَسْتَغْشُوْنَ
ثِيَابَهُمْ ۙ يَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ۚ اِنَّهٗ عَلِيْمٌ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿۵﴾

۽ جيڪڏهن الله توکي ڪو ڏک پهچائي تہ اُن کانسواءِ ڪو اُن جي لاهڻ وارو ڪونهي، ۽ جيڪڏهن تو لاءِ ڀلائي گهري تہ سندس فضل کو هٽائڻ وارو نہ آهي- پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي وڻيس تنهن کي ڀلائي پهچائيندو آهي- ۽ اُهو بخشڻهار مهربان آهي (١٠٧). چؤ تہ اي انسانؤ! بيشڪ اوهان وٽ اوهان جي پالڻهار کان حق آيو آهي، پوءِ جيڪو هدايت وارو ٿيو سو پاڻ لاءِ هدايت ٿو لهي، ۽ جيڪو ڀلو تنهن تي گمراهيءَ هجڻ کان سواءِ (ٻيو ڪجھ) نہ آهي- ۽ آءٌ اوهان جو ذميوار نہ آهيان (١٠٨). ۽ جيڪي تو ڏانهن وحي ڪيو وڃي ٿو تنهن جي تابعداري ڪر ۽ (ايستائين) صبر ڪر جيستائين الله نبيروڪري، ۽ اُهو چڱو فيصلو ڪندڙ آهي (١٠٩).

سورة هود مڪي آهي ۽ هيءَ هڪ سؤ
ٽيويهہ آيتون ۽ ڏھ رڪوع آهي.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

آلر- (هي) ڪتاب آهي جنهن جون آيتون محڪم آهن. وري حڪمت واري داناءَ الله وٽان کولي بيان ڪيل آهن (١). تہ الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي عبادت نہ ڪريو- آءٌ سندس طرف کان اوهان کي ڊيڄاريندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ آهيان (٢). ۽ تہ پنهنجي پالڻهار کان بخشش گهرو وري ڏانهس (توبہ ڪري) موٽو تہ ٺهرايل مدت تائين اوهان کي چڱي نفعي سان فائدو ڏئي ۽ سڀ ڪنهن ڀلائيءَ واري کي سندس ڀلائي (جو عوض ڏئي) ۽ جيڪڏهن اوهين ڦرندؤ تہ آءٌ اوهان تي وڏي ڏينهن جي عذاب (پهچڻ) کان ڊڃان ٿو (٣). الله ڏانهن اوهان جو موٽڻ آهي، ۽ اُهو سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي (۴). خبردار! اُهي پنهنجن سينن کي هن لاءِ وٺيندا آهن تہ کانئس لڪن- خبردار! جنهن دم (اُهي) پنهنجا ڪپڙا ڍڪيندا آهن (تنهن دم بہ) جيڪي لڪائيندا آهن ۽ جيڪي ظاهر ڪندا آهن (سو الله) ڄاڻندو آهي بيشڪ اُهو سينن وارو (ڀيد) ڄاڻندڙ آهي (٥).

وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِی الْاَرْضِ اِلَّا عَلَی اللّٰهِ رِزْقُهَا وَ
يَعْلَمُ مُسْتَقَرَّهَا وَمُسْتَوْدَعَهَا ؕ كُلٌّ فِیْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ۝٦ وَ
هُوَ الَّذِیْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ فِیْ سِتَّةِ اَيَّامٍ وَّكَانَ
عَرْشُهٗ عَلَی الْمَآءِ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ؕ وَلَئِنْ قُلْتَ
اِنَّكُمْ مَّبْعُوْثُوْنَ مِنْۢ بَعْدِ الْمَوْتِ لَيَقُوْلَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْۤا اِنْ
هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ۝٧ وَلَئِنْ اَخَّرْنَا عَنْهُمُ الْعَذَابَ اِلٰۤی اُمَّةٍ
مَّعْدُوْدَةٍ لَّيَقُوْلُنَّ مَا يَحْبِسُهٗ ؕ اَلَا يَوْمَ يَاْتِيْهِمْ لَيْسَ مَصْرُوْفًا
عَنْهُمْ وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ۝٨ ع وَلَئِنْ اَذَقْنَا
الْاِنْسَانَ مِنَّا رَحْمَةً ثُمَّ نَزَعْنٰهَا مِنْهُ ۚ اِنَّهٗ لَيَئُوْسٌ كَفُوْرٌ ۝٩
وَلَئِنْ اَذَقْنٰهُ نَعْمَآءَ بَعْدَ ضَرَّآءَ مَسَّتْهُ لَيَقُوْلَنَّ ذَهَبَ
السَّيِّاٰتُ عَنِّیْ ؕ اِنَّهٗ لَفَرِحٌ فَخُوْرٌ ۝١٠ لا اِلَّا الَّذِيْنَ صَبَرُوْا
وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ كَبِيْرٌ ۝١١
فَلَعَلَّكَ تَارِكٌۢ بَعْضَ مَا يُوْحٰۤی اِلَيْكَ وَضَآئِقٌۢ بِهٖ
صَدْرُكَ اَنْ يَّقُوْلُوْا لَوْلَاۤ اُنْزِلَ عَلَيْهِ كَنْزٌ اَوْ جَآءَ مَعَهٗ
مَلَكٌ ؕ اِنَّمَاۤ اَنْتَ نَذِيْرٌ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰی كُلِّ شَیْءٍ وَّكِيْلٌ ۝١٢

۽ ڪو چُرندڙ زمين ۾ آهي ئي نہ پر سندس روزي الله تي آهي ۽ سندس رهڻ جو هنڌ ۽ سندس سانڀ جي جاءِ (الله) ڄاڻندو آهي- سڀ پڌري ڪتاب ۾ (لکيل) آهي (٦) . ۽ اُهو (الله) آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ بڻايو ۽ سندس عرش پاڻي تي هو (اِهو بڻائڻ هن ڪري آهي) تہ اوهان کي پرکي تہ اوهان مان عملن جي اعتبار کان وڌيڪ ڀلو ڪير آهي- ۽ جيڪڏهن انهن کي چوين تہ مرڻ کان پوءِ اوهين جياريا ويندؤ تہ ڪافر ضرور چوندا تہ هيءُ تہ پڌرو جادو آهي (٧) . ۽ جيڪڏهن ڪنهن مقرر ڪيل مدت تائين ڪافرن عذاب کٽي هٽايون تہ ضرور چوندا تہ اُن کي ڪنهن جهليو آهي؟ خبردار جنهن ڏينهن (اهو عذاب) وٽن ايندو (تنهن ڏينهن) ڪافرن تَرٽو نہ آهي ۽ جنهن (شيءِ) سان ٺٺوليون ڪندا هئا سا کين وڪوڙي ويندي (٨) . ۽ جيڪڏهن ماڻهوءَ کي پاڻ وٽان ڪا ٻاجھ چکايون ٿا ۽ وري اُها ڪانئس کسيون ٿا، تہ اُهو نااُميد بيشڪر (بڻجندو) آهي (٩) . ۽ جيڪڏهن اُن کي ڏک پهچڻ کان پوءِ سک پهچايون تہ ضرور چوندو تہ مون کان ڏک ويا- اُهو پڪ سرهو وڏائي ڪندڙ ٿيندو آهي (١٠) . پر جن صبر ڪيو ۽ چڱا ڪم ڪيا- تن لاءِ بخشش ۽ وڏو اَجر آهي (١١) . پوءِ (اي پيغمبر!) جيڪي تو ڏانهن وحي ڪجي ٿو تنهن مان متان ڪجھ ڇڏي ڏئين ۽ (پڻ) متان دل تنگ ڪرين ڪافرن جي هن چوڻ ڪري تہ مٿس خزانو ڇو نہ لاٿو ويو؟ يا ملائڪ ساڻس ڇو نہ آيو؟ (نہ ڇڏ ۽ نہ دل تنگ ڪر)- ڇو تہ تون ڊيڄاريندڙ ئي آهين- ۽ الله هر شيءِ جو سنڀاليندڙ آهي (١٢) .

اَمۡ يَقُوۡلُوۡنَ افۡتَرٰىهُ‌ ؕ قُلۡ فَاۡتُوۡا بِعَشۡرِ سُوَرٍ مِّثۡلِهٖ مُفۡتَرَيٰتٍ وَّ
ادۡعُوۡا مَنِ اسۡتَطَعۡتُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿۱۳﴾
فَاِلَّمۡ يَسۡتَجِيۡبُوۡا لَـكُمۡ فَاعۡلَمُوۡۤا اَنَّمَاۤ اُنۡزِلَ بِعِلۡمِ اللّٰهِ وَاَنۡ لَّاۤ اِلٰهَ
اِلَّا هُوَ‌ ۚ فَهَلۡ اَنۡتُمۡ مُّسۡلِمُوۡنَ ﴿۱۴﴾ مَنۡ كَانَ يُرِيۡدُ الۡحَيٰوةَ الدُّنۡيَا وَ
زِيۡنَتَهَا نُوَفِّ اِلَيۡهِمۡ اَعۡمَالَهُمۡ فِيۡهَا وَهُمۡ فِيۡهَا لَا يُبۡخَسُوۡنَ ﴿۱۵﴾
اُولٰۤـئِكَ الَّذِيۡنَ لَـيۡسَ لَهُمۡ فِى الۡاٰخِرَةِ اِلَّا النَّارُ ‌ۖ  وَحَبِطَ مَا
صَنَعُوۡا فِيۡهَا وَبٰطِلٌ مَّا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿۱۶﴾ اَفَمَنۡ كَانَ عَلٰى
بَيِّنَةٍ مِّنۡ رَّبِّهٖ وَيَتۡلُوۡهُ شَاهِدٌ مِّنۡهُ وَمِنۡ قَبۡلِهٖ كِتٰبُ مُوۡسٰۤى
اِمَامًا وَّرَحۡمَةً ‌ؕ اُولٰۤـئِكَ يُؤۡمِنُوۡنَ بِهٖ‌ ؕ وَمَنۡ يَّكۡفُرۡ بِهٖ مِنَ
الۡاَحۡزَابِ فَالنَّارُ مَوۡعِدُهٗ‌ ۚ فَلَا تَكُ فِىۡ مِرۡيَةٍ مِّنۡهُ‌ ۗ اِنَّهُ الۡحَـقُّ
مِنۡ رَّبِّكَ وَلٰـكِنَّ اَكۡثَرَ النَّاسِ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ‏ ﴿۱۷﴾ وَمَنۡ اَظۡلَمُ
مِمَّنِ افۡتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا‌ ؕ اُولٰۤـئِكَ يُعۡرَضُوۡنَ عَلٰى رَبِّهِمۡ وَ
يَقُوۡلُ الۡاَشۡهَادُ هٰٓؤُلَۤاءِ الَّذِيۡنَ كَذَبُوۡا عَلٰى رَبِّهِمۡ‌ ۚ اَلَا
لَـعۡنَةُ اللّٰهِ عَلَى الظّٰلِمِيۡنَ ۙ‏ ﴿۱۸﴾ الَّذِيۡنَ يَصُدُّوۡنَ عَنۡ سَبِيۡلِ
اللّٰهِ وَيَبۡغُوۡنَهَا عِوَجًا ؕ وَهُمۡ بِالۡاٰخِرَةِ هُمۡ كٰفِرُوۡنَ ﴿۱۹﴾

بلڪ (ائين ٿا) چون ٿا تہ اُهو (قرآن) پاڻ ناهيو اٿس. چؤ تہ جيڪڏهن سچا آهيو تہ (اوهين بہ) اُن جهڙيون ڏهہ سورتون پاڻون ناهيل آڻيو ۽ الله کان سواءِ (ٻين) جن ڪي سڏي سگهو تن کي سڏيو (١٣). پوءِ جيڪڏهن اوهان جو (اهو چوڻ) قبول نہ ڪن تہ ڄاڻو تہ (اُهو قرآن) رڳو الله جي علم سان لاٿو ويو آهي ۽ (ڄاڻو) تہ اُن کان سواءِ ٻيو ڪو عبادت جو لائق نہ آهي، پوءِ اوهين اسلام تي (محڪم) ڇو نہ رهندؤ؟ (١٤). جيڪي دنيا جي حياتي ۽ سندس سينگار گهرندا هجن تن کي دنيا ۾ (ئي) سندن عملن جو اُجورو پورو ڏينداسون ۽ انهن کي اُن ۾ گهٽ نہ ڏبو (١٥). اِهي اُهي آهن جن لاءِ آخرت ۾ باهہ کان سواءِ (ٻيو ڪجهہ) نہ آهي، ۽ جيڪي دنيا ۾ ڪيائون سو ڇٽ ٿيو ۽ جيڪي ڪمائيندا هئا سو باطل ٿيو (١٦). (اُهو ماڻهو گمراهن جهڙو نہ آهي) جيڪو پنهنجي پالڻهار (جي طرف) کان پڌريءَ حجت تي هجي ۽ الله کان اُن لاءِ شاهد (يعني قرآن) ايندو هجي ۽ اُن (قرآن) کان اڳ موسىٰ جو ڪتاب (توريت) رهبر ۽ رحمت (بہ گواهہ) هجي. اِهي (ماڻهو) اُن (قرآن) تي ايمان آڻين ٿا. ۽ (پوءِ اُنهن جي سِپني) ٽولين مان جيڪو اُن (قرآن) جو انڪار ڪندو تنهن جي رهڻ جو هنڌ باهہ آهي، تنهن ڪري (تون) ڪائنس شڪ ۾ نہ هج اُهو تنهنجي پالڻهار جي پار کان حق (لٿو) آهي پر گهڻا ماڻهو ايمان نٿا آڻين (١٧). ۽ جيڪو الله تي ڪوڙو ناهہ ناهي تنهن کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي؟ اِهي پنهنجي پالڻهار جي آڏو ڪيا ويندا ۽ شاهد چوندا تہ اِهي اُهي آهن جن پنهنجي پالڻهار تي ڪوڙ چيو، خبردار (اُنهن) ظالمن تي الله جي لعنت آهي (١٨). جيڪي الله جي واٽ کان جهليندا آهن ۽ اُن جي ڏنگائي گهرندا آهن. ۽ اُهي ئي آخرت کي نہ مڃيندا آهن (١٩).

اُولٰٓئِكَ لَمْ يَكُوْنُوْا مُعْجِزِيْنَ فِى الْاَرْضِ وَمَا كَانَ لَهُمْ
مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ اَوْلِيَآءَ ۘ يُضٰعَفُ لَهُمُ الْعَذَابُ ؕ مَا كَانُوْا
يَسْتَطِيْعُوْنَ السَّمْعَ وَمَا كَانُوْا يُبْصِرُوْنَ ﴿٢٠﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ
خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿٢١﴾ لَا جَرَمَ
اَنَّهُمْ فِى الْاٰخِرَةِ هُمُ الْاَخْسَرُوْنَ ﴿٢٢﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا
الصّٰلِحٰتِ وَاَخْبَتُوْٓا اِلٰى رَبِّهِمْ ۙ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۚ هُمْ
فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢٣﴾ مَثَلُ الْفَرِيْقَيْنِ كَالْاَعْمٰى وَالْاَصَمِّ وَالْبَصِيْرِ
وَالسَّمِيْعِ ؕ هَلْ يَسْتَوِيٰنِ مَثَلًا ؕ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٤﴾ وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا
نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖٓ اِنِّىْ لَكُمْ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٢٥﴾ ۙ اَنْ لَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّا
اللّٰهَ ؕ اِنِّىْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ اَلِيْمٍ ﴿٢٦﴾ فَقَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ
كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ مَا نَرٰىكَ اِلَّا بَشَرًا مِّثْلَنَا وَمَا نَرٰىكَ
اتَّبَعَكَ اِلَّا الَّذِيْنَ هُمْ اَرَاذِلُنَا بَادِىَ الرَّاْىِ ۚ وَمَا نَرٰى
لَكُمْ عَلَيْنَا مِنْ فَضْلٍۢ بَلْ نَظُنُّكُمْ كٰذِبِيْنَ ﴿٢٧﴾ قَالَ يٰقَوْمِ اَرَءَيْتُمْ
اِنْ كُنْتُ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّىْ وَاٰتٰىنِىْ رَحْمَةً مِّنْ عِنْدِهٖ
فَعُمِّيَتْ عَلَيْكُمْ ؕ اَنُلْزِمُكُمُوْهَا وَاَنْتُمْ لَهَا كٰرِهُوْنَ ﴿٢٨﴾

اُهي ملڪ ۾ ڪڏهن عاجز ڪرڻ وارا نہ آهن ۽ الله کان سواءِ (ٻيا ڪي) انهن جا مددگار نہ آهن. اُنهن کي ٻيڻو عذاب ڪيو ويندو- جو ٻڌي نہ ٿي سگهيا ۽ نہ ٿي ڏٺائون (٢٠). اِهي اُهي آهن جن پاڻ کي نقصان لاتو ۽ جيڪو ٺاهه ٺاهيندا هئا سو کانئن ڀلجي ويو (٢١). بيشڪ اِهي (ماڻهو) ضرور آخرت ۾ خساري وارا آهن (٢٢). پڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا ۽ پنهنجي پالڻهار ڏانهن نِوِيا سي بهشتي آهن، اُهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن (٢٣). اُنهن ٻن ٽولين جو مثال اَنڌي ۽ ٻوڙي ۽ ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ وانگر آهي- (اِهي) مثال ۾ برابر آهن ڇا؟ پوءِ ڇو نہ ٿا نصيحت وٺو؟ (٢۴). ۽ بيشڪ اسان نوح کي سندس قوم ڏانهن موڪليو (اُن چيو تہ) آءٌ اوهان لاءِ پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان (٢٥). تہ الله کان سواءِ (اوهين ٻئي جي) عبادت نہ ڪريو بيشڪ آءٌ اوهان تي ڏکوئيندڙ ڏينهن جي عذاب (پهچڻ) کان ڊڄان ٿو (٢٦). پوءِ سندس قوم مان ڪافر ٽوليءَ چيو تہ توکي پاڻ جهڙي ماڻهو کان سواءِ (ٻيو) نہ ٿا ڏسون ۽ اسان مان مٿاڇري سوچ وارن خسيسن کان سواءِ (ٻيو) ڪو تنهنجو تابعدار نہ ٿا ڏسون، ۽ پاڻ تي اوهان جي ڪا فضيلت نہ ٿا ڏسون بلڪ اوهان کي ڪوڙو ڀانئيندا آهيون (٢٧). (نوح) چيو تہ اي منهنجي قوم! (مون کي) ڏسيو تہ سهي تہ جيڪڏهن (آءٌ) پنهنجي پالڻهار جي پڪيءَ حجت تي هجان ۽ پاڻ وٽان مون کي رحمت ڏني هجيس (جنهن جي حقيقت) اوهان کان لڪائي ويئي هجي، تہ اُن (جي مڃڻ) جو هن هوندي اوهان کي ڇو زور ڪريون جو اوهين اُن کي ناپسند ڪندڙ هجو؟ (٢٨).

وَيٰقَوْمِ لَآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مَالًا ؕ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ وَمَآ اَنَا
بِطَارِدِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ؕ اِنَّهُمْ مُّلٰقُوْا رَبِّهِمْ وَلٰكِنِّيْٓ اَرٰىكُمْ قَوْمًا
تَجْهَلُوْنَ ﴿٢٩﴾ وَيٰقَوْمِ مَنْ يَّنْصُرُنِيْ مِنَ اللّٰهِ اِنْ طَرَدْتُّهُمْ ؕ اَفَلَا
تَذَكَّرُوْنَ ﴿٣٠﴾ وَلَآ اَقُوْلُ لَكُمْ عِنْدِيْ خَزَآئِنُ اللّٰهِ وَلَآ اَعْلَمُ
الْغَيْبَ وَلَآ اَقُوْلُ اِنِّيْ مَلَكٌ وَّلَآ اَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ تَزْدَرِيْٓ اَعْيُنُكُمْ
لَنْ يُّؤْتِيَهُمُ اللّٰهُ خَيْرًا ؕ اَللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ ۚۖ اِنِّيْٓ اِذًا
لَّمِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٣١﴾ قَالُوْا يٰنُوْحُ قَدْ جَادَلْتَنَا فَاَكْثَرْتَ جِدَالَنَا
فَاْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٣٢﴾ قَالَ اِنَّمَا يَاْتِيْكُمْ
بِهِ اللّٰهُ اِنْ شَآءَ وَمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ﴿٣٣﴾ وَلَا يَنْفَعُكُمْ نُصْحِيْٓ اِنْ
اَرَدْتُّ اَنْ اَنْصَحَ لَكُمْ اِنْ كَانَ اللّٰهُ يُرِيْدُ اَنْ يُّغْوِيَكُمْ ؕ هُوَ رَبُّكُمْ ۫
وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٣٤﴾ ؕ اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ؕ قُلْ اِنِ افْتَرَيْتُهٗ
فَعَلَيَّ اِجْرَامِيْ وَاَنَا بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تُجْرِمُوْنَ ﴿٣٥﴾ ع وَاُوْحِيَ اِلٰى نُوْحٍ
اَنَّهٗ لَنْ يُّؤْمِنَ مِنْ قَوْمِكَ اِلَّا مَنْ قَدْ اٰمَنَ فَلَا تَبْتَىِٕسْ
بِمَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ ﴿٣٦﴾ ۚۖ وَاصْنَعِ الْفُلْكَ بِاَعْيُنِنَا وَوَحْيِنَا
وَلَا تُخَاطِبْنِيْ فِي الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ۚ اِنَّهُمْ مُّغْرَقُوْنَ ﴿٣٧﴾

۽ اي منهنجي قوم! (آءٌ) اوهان کان اُن بابت ڪو مال (املاڪ) نہ ٿو گهران- منهنجو اُجورو الله کان سواءِ ٻئي تي نہ آهي ۽ آءٌ مؤمنن کي تڙڻ وارو نہ آهيان- ڇو تہ اُهي پنهنجي پالڻهار کي ملڻ وارا آهن پر (آءٌ) اوهان کي جاهل قوم ڏسان ٿو (٢٩). ۽ اي منهنجي قوم! جيڪڏهن کين تڙيندس تہ مون کي الله کان ڪير ڇڏائيندو؟ پوءِ ڇو نہ سمجهندا آهيو؟ (٣٠). ۽ آءٌ اوهان کي نہ ٿو چوان تہ مون وٽ الله جا خزانا آهن ۽ نڪي (ڪو) ڳجهہ ڄاڻندو آهيان ۽ نڪي چوان ٿو تہ آءٌ ملائڪ آهيان، ۽ جن کي اوهان جون اکيون حقير سمجهن ٿيون تن لاءِ نہ ٿو چوان تہ الله کين ڪا ڀلائي ڪڏهن نہ ڏيندو- جيڪي سندن دلين ۾ آهي سو الله بهتر ڄاڻندڙ آهي، (جي چوندس) تہ آءٌ اُنهي مهل ظالمن مان ٿيندس (٣١). چيائون تہ اي نوح! بيشڪ تو اسان سان جهڳڙو ڪيو پوءِ اسان سان گهڻو ئي جهيڙو ڪيئہ سو جيڪڏهن سچن مان آهين تہ اُسان سان جيڪو اَنجام ڪرين ٿو سو اسان وٽ آڻ (٣٢). (نوح) چيو تہ اُهو اوهان وٽ رڳو الله آڻيندو جيڪڏهن اُن گهريو تہ ۽ اوهين (ڀڄي) عاجز ڪرڻ وارا نہ آهيو (٣٣). ۽ جيڪڏهن آءٌ اوهان کي نصيحت ڏيڻ گهران (پر) جيڪڏهن الله اوهان جو ڀُلائڻ گهرندو تہ منهنجي نصيحت اوهان کي ڪو فائدو نہ ڏيندي- اُهو اوهان جو پالڻهار آهي، ۽ ڏانهس موٽايا ويندؤ (٣٤). بلڪ (هيئن ٻہ) چوندا آهن تہ (هن پيغمبر) اُهو پاڻون ٺاهيو آهي، چؤ تہ جيڪڏهن مون اُن کي پاڻ ٺاهيو آهي تہ منهنجو ڏوهہ مون تي آهي ۽ جيڪي اوهين ڏوهہ ڪندا آهيو تنهن کان آءٌ بيزار آهيان (٣٥). ۽ نوح ڏانهن وحي ڪيو ويو تہ جنهن ايمان آندو آهي تنهن کان سواءِ تنهنجي قوم مان ٻيو ڪو ٻہ ڪڏهن ايمان نہ آڻيندو تنهن ڪري جيڪي ڪندا آهن تنهن تي تون رنج نہ ٿيءُ (٣٦). ۽ اسان جي روبرو ۽ اسان جي حڪم سان ٻيڙي جوڙ ۽ ظالمن بابت مون کي نہ چئج. ڇو تہ اُهي ٻوڙيا ويندا (٣٧).

وَيَصْنَعُ الْفُلْكَ ۖ وَكُلَّمَا مَرَّ عَلَيْهِ مَلَأٌ مِّنْ قَوْمِهِ سَخِرُوا مِنْهُ ۚ
قَالَ إِنْ تَسْخَرُوا مِنَّا فَإِنَّا نَسْخَرُ مِنْكُمْ كَمَا تَسْخَرُونَ ﴿٣٨﴾ فَسَوْفَ
تَعْلَمُونَ ۙ مَنْ يَأْتِيهِ عَذَابٌ يُخْزِيهِ وَيَحِلُّ عَلَيْهِ عَذَابٌ
مُّقِيمٌ ﴿٣٩﴾ حَتَّىٰ إِذَا جَاءَ أَمْرُنَا وَفَارَ التَّنُّورُ ۙ قُلْنَا احْمِلْ فِيهَا مِنْ
كُلٍّ زَوْجَيْنِ اثْنَيْنِ وَأَهْلَكَ إِلَّا مَنْ سَبَقَ عَلَيْهِ الْقَوْلُ
وَمَنْ آمَنَ ۚ وَمَا آمَنَ مَعَهُ إِلَّا قَلِيلٌ ﴿٤٠﴾ وَقَالَ ارْكَبُوا فِيهَا بِسْمِ
اللَّهِ مَجْرِيهَا وَمُرْسَاهَا ۚ إِنَّ رَبِّي لَغَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿٤١﴾ وَهِيَ تَجْرِي
بِهِمْ فِي مَوْجٍ كَالْجِبَالِ ۖ وَنَادَىٰ نُوحٌ ابْنَهُ وَكَانَ فِي
مَعْزِلٍ يَا بُنَيَّ ارْكَبْ مَّعَنَا وَلَا تَكُنْ مَّعَ الْكَافِرِينَ ﴿٤٢﴾ قَالَ سَآوِي
إِلَىٰ جَبَلٍ يَعْصِمُنِي مِنَ الْمَاءِ ۚ قَالَ لَا عَاصِمَ الْيَوْمَ مِنْ أَمْرِ
اللَّهِ إِلَّا مَنْ رَّحِمَ ۚ وَحَالَ بَيْنَهُمَا الْمَوْجُ فَكَانَ مِنَ الْمُغْرَقِينَ ﴿٤٣﴾
وَقِيلَ يَا أَرْضُ ابْلَعِي مَاءَكِ وَيَا سَمَاءُ أَقْلِعِي وَغِيضَ الْمَاءُ
وَقُضِيَ الْأَمْرُ وَاسْتَوَتْ عَلَى الْجُودِيِّ ۖ وَقِيلَ بُعْدًا لِّلْقَوْمِ
الظَّالِمِينَ ﴿٤٤﴾ وَنَادَىٰ نُوحٌ رَّبَّهُ فَقَالَ رَبِّ إِنَّ ابْنِي مِنْ
أَهْلِي وَإِنَّ وَعْدَكَ الْحَقُّ وَأَنْتَ أَحْكَمُ الْحَاكِمِينَ ﴿٤٥﴾

۽ ٻيڙي ٻڻائڻ لڳو ۽ جڏهن به سندس قوم مان ڪا ٽولي وٽائنس لنگهي ٿي (تڏهن) مٿس ٺٺوليون ڪيائون ٿي. نوح ٿي چيو ته جيڪڏهن اوهين اسان تي ٺٺوليون ڪريو ٿا ته اسين (به) اهڙيون ٺٺوليون اوهان تي ڪنداسون جهڙيون ٺٺوليون (اوهين) ڪريو ٿا (٣٨). پوءِ جنهن کي عذاب پهچندو تنهن کي سگهوئي ڄاڻندؤ جو (اُهو) اُن کي خوار ڪندو ۽ مٿس سدائين عذاب (پيو) لهندو (٣٩). (اُنهيءَ ڪم ۾ هو) تان جو جڏهن اسان جو حڪم آيو ۽ تنور اُياميو چيوسون ته سڀ ڪنهن جنس (جي جانورن) مان ٻه ٻه (نر ۽ مادي) ۽ جن بابت حڪم ٿي چڪو آهي (ته هلاڪ ڪبا) تن ڌاران (ٻيا) پنهنجي گهر وارا ۽ جن ايمان آندو سي منجهس چاڙهه. ۽ ٿورن کان سواءِ مٿس ايمان نه آندو هئائون (٤٠). ۽ (نوح) چيو ته منجهس چڙهو. الله جي نالي سان سندس هلڻ ۽ سندس بيهڻ آهي. ڇو ته منهنجو پالڻهار ضرور بخشيندڙ مهربان آهي (٤١). ۽ اُها جبلن جهڙين لهرين ۾ کين (کڻي) هلڻ لڳي، ۽ نوح پنهنجي پٽ کي سڏيو ۽ اُهو ڪناري تي هو ته اي منهنجا پٽ! اسان سان چڙهه ۽ ڪافرن سان گڏ نه ٿيءُ (٤٢). چيائين ته (اهڙي) جبل تي پناهه وٺندس جو مون کي پاڻيءَ کان بچائيندو. (نوح) چيو ته اَڄ الله جي عذاب کان ڪو بچائيندڙ ڪونهي پر جنهن تي (پاڻ) رحم ڪري (سو بچي سگهندو). ايتري ۾ ٻنهين جي وچ ۾ لهر اچي پيئي ۽ (اُهو) ٻڏلن مان ٿيو (٤٣). ۽ فرمايو ويو ته اي زمين! (تون) پنهنجو پاڻي ڇُهي وڃ ۽ اي آسمان! (تون پنهنجو پاڻي) بند ڪر ۽ پاڻي سڪايو ويو ۽ ڪم پورو ڪيو ويو ۽ (ٻيڙي جبل) جوديءَ تي بيٺي ۽ چيو ويو ته (شل) ظالمن جي قوم ناس ٿئي (٤٤). ۽ نوح پنهنجي پالڻهار کي سڏيو ۽ چيائين اي منهنجا پالڻهار! منهنجو پٽ (به) منهنجي گهر وارن مان آهي، ۽ بيشڪ تنهنجو انجام بلڪل سچو آهي ۽ تون حاڪمن جو حاڪم آهين (٤٥).

قَالَ يٰنُوۡحُ اِنَّهٗ لَيۡسَ مِنۡ اَهۡلِكَ‌ ۚ اِنَّهٗ عَمَلٌ غَيۡرُ صَالِحٍ‌ ۖ فَلَا
تَسۡـَٔلۡنِ مَا لَيۡسَ لَكَ بِهٖ عِلۡمٌ‌ ؕ اِنِّىۡۤ اَعِظُكَ اَنۡ تَكُوۡنَ مِنَ
الۡجٰهِلِيۡنَ ﴿۴۶﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّىۡۤ اَعُوۡذُ بِكَ اَنۡ اَسۡـَٔلَكَ مَا لَيۡسَ لِىۡ
بِهٖ عِلۡمٌ‌ ؕ وَاِلَّا تَغۡفِرۡ لِىۡ وَتَرۡحَمۡنِىۡۤ اَكُنۡ مِّنَ الۡخٰسِرِيۡنَ ﴿۴۷﴾
قِيۡلَ يٰنُوۡحُ اهۡبِطۡ بِسَلٰمٍ مِّنَّا وَبَرَكٰتٍ عَلَيۡكَ وَعَلٰٓى اُمَمٍ
مِّمَّنۡ مَّعَكَ‌ ؕ وَاُمَمٌ سَنُمَتِّعُهُمۡ ثُمَّ يَمَسُّهُمۡ مِّنَّا عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿۴۸﴾
تِلۡكَ مِنۡ اَنۡۢبَآءِ الۡغَيۡبِ نُوۡحِيۡهَاۤ اِلَيۡكَ‌ ۚ مَا كُنۡتَ تَعۡلَمُهَاۤ اَنۡتَ
وَلَا قَوۡمُكَ مِنۡ قَبۡلِ هٰذَا‌ ؕۛ فَاصۡبِرۡ‌ ؕۛ اِنَّ الۡعَاقِبَةَ لِلۡمُتَّقِيۡنَ ﴿۴۹﴾
وَاِلٰى عَادٍ اَخَاهُمۡ هُوۡدًا‌ ؕ قَالَ يٰقَوۡمِ اعۡبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمۡ مِّنۡ
اِلٰهٍ غَيۡرُهٗ‌ ؕ اِنۡ اَنۡتُمۡ اِلَّا مُفۡتَرُوۡنَ ﴿۵۰﴾ يٰقَوۡمِ لَاۤ اَسۡـَٔلُكُمۡ عَلَيۡهِ
اَجۡرًا‌ ؕ اِنۡ اَجۡرِىَ اِلَّا عَلَى الَّذِىۡ فَطَرَنِىۡ‌ ؕ اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ ﴿۵۱﴾
وَيٰقَوۡمِ اسۡتَغۡفِرُوۡا رَبَّكُمۡ ثُمَّ تُوۡبُوۡۤا اِلَيۡهِ يُرۡسِلِ السَّمَآءَ
عَلَيۡكُمۡ مِّدۡرَارًا وَّيَزِدۡكُمۡ قُوَّةً اِلٰى قُوَّتِكُمۡ وَلَا تَتَوَلَّوۡا
مُجۡرِمِيۡنَ ﴿۵۲﴾ قَالُوۡا يٰهُوۡدُ مَا جِئۡتَنَا بِبَيِّنَةٍ وَّمَا نَحۡنُ
بِتَارِكِىۡۤ اٰلِهَتِنَا عَنۡ قَوۡلِكَ وَمَا نَحۡنُ لَكَ بِمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۵۳﴾

(الله) فرمايو ته اي نوح! اُهو تنهنجي گهر وارن مان نه آهي، ڇو ته اُهو اڻ سڌريل ڪمن وارو آهي تنهن ڪري جنهن جي توکي ڪا خبر نه آهي تنهن بابت مون کان (ڪجھ) نه گهر۔ آءٌ توکي نصيحت ڪريان ٿو ته متان جاهلن مان ٿئين (٤٦). (نوح) چيو ته اي منهنجا پالڻهار! جنهن (ڳالھ جي حقيقت) جي مون کي خبر نه آهي تنهن بابت توکان گهرڻ جي آءٌ تو وٽان پناه گهران ٿو ۽ جي تون نه بخشيندين ۽ رحم نه ڪندين ته خساري وارن مان ٿيندس (٤٧). چيو ويو ته اي نوح! اسان جي طرف کان سلامتيءَ ۽ برڪتن سان لھ جي توتي هجن ۽ اُنهن ٽولين تي (بہ) جيڪي تو ساڻ آهن۔ ۽ (ٻيون ڪي) جماعتون هونديون جن کي (ڪجھ دنيوي) فائدو ڏينداسون وري اُنهن (مان ڪافرن) کي اسان وٽان ڏکوئيندڙ عذاب پهچندو (٤٨). اِهي (قصا) ڳجهين خبرن مان آهن جي توڏانهن وحي ڪريون ٿا، هن کان اڳ نڪي (ان کي تون) ڄاڻندو هئين ۽ نڪا تنهنجي قوم ڄاڻندي هئي۔ پوءِ صبر ڪر ڇو ته (يقيناً) ڇڱاڙي پرهيزگارن لاءِ آهي (٤٩). ۽ عاد وارن ڏانهن سندن ڀاءُ هود کي (موڪليوسون)۔ چيائين ته اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو اُن (الله) کان سواءِ اوهان جو ڪو معبود نه آهي۔ اوهين رڳو ناهه ٺاهيندڙ آهيو (٥٠). اي منهنجي قوم! اوهان کان هن (پيغام پهچائڻ تي) ڪو اُجورو نه ٿو گهران۔ منهنجو اُجورو رڳو اُنهيءَ تي آهي جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي۔ پوءِ اوهين ڇو نه ٿا سمجهو؟ (٥١). ۽ اي منهنجي قوم! پنهنجي پالڻهار کان بخشش گهرو وري سندس اڳيان توبھ ڪريو ته اوهان تي لڳو لڳ وسندڙ ڪڪر موڪليندو ۽ اوهان جي طاقت مٿي طاقت وڌائيندو ۽ اوهين ڏوهي ٿي منهن نه ڦيريو (٥٢). چيائون ته اي هود! اسان وٽ ڪوئي دليل نه آندو اٿيئي ۽ اسين تنهنجي چوڻ سان پنهنجن معبودن کي ڇڏڻ وارا نه آهيون ۽ نڪي اسين توکي مڃيندڙ آهيون (٥٣).

إِن نَّقُولُ إِلَّا اعْتَرٰىكَ بَعْضُ اٰلِهَتِنَا بِسُوٓءٍ ۗ قَالَ إِنِّيٓ أُشْهِدُ اللّٰهَ
وَاشْهَدُوٓا أَنِّي بَرِيٓءٌ مِّمَّا تُشْرِكُونَ ﴿٥٤﴾ مِن دُونِهٖ فَكِيدُونِي جَمِيعًا
ثُمَّ لَا تُنظِرُونِ ﴿٥٥﴾ إِنِّي تَوَكَّلْتُ عَلَى اللّٰهِ رَبِّي وَرَبِّكُمْ ۗ مَا مِن دَآبَّةٍ
إِلَّا هُوَ اٰخِذٌۢ بِنَاصِيَتِهَا ۗ إِنَّ رَبِّي عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيمٍ ﴿٥٦﴾ فَإِن
تَوَلَّوْا فَقَدْ أَبْلَغْتُكُم مَّآ أُرْسِلْتُ بِهٖٓ إِلَيْكُمْ ۗ وَيَسْتَخْلِفُ رَبِّي قَوْمًا
غَيْرَكُمْ ۚ وَلَا تَضُرُّونَهٗ شَيْـًٔا ۗ إِنَّ رَبِّي عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ حَفِيظٌ ﴿٥٧﴾ وَ
لَمَّا جَآءَ أَمْرُنَا نَجَّيْنَا هُودًا وَّالَّذِينَ اٰمَنُوا مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا ۚ وَ
نَجَّيْنٰهُم مِّنْ عَذَابٍ غَلِيظٍ ﴿٥٨﴾ وَتِلْكَ عَادٌ ۟ جَحَدُوا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ
وَعَصَوْا رُسُلَهٗ وَاتَّبَعُوٓا أَمْرَ كُلِّ جَبَّارٍ عَنِيدٍ ﴿٥٩﴾ وَأُتْبِعُوا فِي
هٰذِهِ الدُّنْيَا لَعْنَةً وَّيَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۗ أَلَآ إِنَّ عَادًا كَفَرُوا رَبَّهُمْ ۗ
أَلَا بُعْدًا لِّعَادٍ قَوْمِ هُودٍ ﴿٦٠﴾ وَإِلٰى ثَمُودَ أَخَاهُمْ صٰلِحًا ۘ قَالَ يٰقَوْمِ
اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُم مِّنْ إِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۗ هُوَ أَنشَأَكُم مِّنَ الْأَرْضِ
وَاسْتَعْمَرَكُمْ فِيهَا فَاسْتَغْفِرُوهُ ثُمَّ تُوبُوٓا إِلَيْهِ ۗ إِنَّ رَبِّي قَرِيبٌ
مُّجِيبٌ ﴿٦١﴾ قَالُوا يٰصٰلِحُ قَدْ كُنتَ فِينَا مَرْجُوًّا قَبْلَ هٰذَآ أَتَنْهٰنَآ أَن
نَّعْبُدَ مَا يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَا وَإِنَّنَا لَفِي شَكٍّ مِّمَّا تَدْعُونَآ إِلَيْهِ مُرِيبٍ ﴿٦٢﴾

اسين توکي رِڳو (هيءَ ڳالھ) چئون ٿا تہ اسان جي ڪن بتن (شايد) توکي ڪجھ ايذايو آهي۔ (هود) چيو تہ آءٌ الله کي شاهد ڪريان ٿو ۽ اوهين بہ شاهد هجو تہ آءٌ اُنهن کان بيزار آهيان جن کي (الله سان) شريڪ بڻائيدا آهيو (٥٤). اُن (الله) ڌاران۔ پوءِ مون لاءِ سڀيئي رٿا ڪريو وري مون کي مهلت نہ ڏيو (٥٥). مون پنهنجي پالڻهار ۽ اوهان جي پالڻهار الله تي ئي ڀروسو ڪيو آهي۔ ڪو (جاندار) چرندڙ نہ آهي جنهن جي پيشانيءَ (جي چڳ) اُن (الله) کان سواءِ ٻيو ڪو (هٿ ۾) وٺندڙ هجي۔ بيشڪ منهنجو پالڻهار سڌيءَ واٽ تي (ملڻ وارو) آهي (٥٦). پوءِ جيڪڏهن ڦرندؤ تہ (مون کي ڇا ٿيندو؟) بيشڪ جنهن پيغام سان اوهان ڏانهن موڪليو ويو آهيان سو اوهان کي پهچايم۔ ۽ منهنجو پالڻهار اوهان کان سواءِ ٻي قوم کي اوهان جي جاءِ تي وهاريندو، ۽ اوهين کيس ڪجھ ذرو نقصان پهچائي نہ سگهندؤ۔ ڇو تہ منهنجو پالڻهار سيني شين تي نگهبان آهي (٥٧). ۽ جنهن مهل اسان جو عذاب پهتو (تنهن مهل) هود کي ۽ جن ساڻس ايمان آندو هو تن کي پنهنجي ٻاجھ سان بچايوسون، ۽ کين سخت عذاب کان ڇڏايوسون (٥٨). ۽ اُهو حال عاد وارن جو آهي جو پنهنجي پالڻهار جي نشانين جو انڪار ڪيائون ۽ پنهنجن پيغمبرن جي نافرماني ڪيائون ۽ سڀ ڪنهن هٺيلي فساديءَ جي حڪم جا تابعدار ٿيا (٥٩). ۽ هن دنيا ۾ (بہ) ۽ قيامت جي ڏينهن (بہ) لعنت پويان لاتي وين۔ خبردار! بيشڪ عاد وارن پنهنجي پالڻهار جو انڪار ڪيو۔) خبردار! هود جي قوم عادين کي ڦٽ هجي! (٦٠). ۽ ثمود جي قوم ڏانهن سندن ڀاءُ صالح کي موڪليوسون چيائين تہ اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو ان کان سواءِ اوهان جو (ڪو ٻيو) معبود نہ آهي۔ اُنهيءَ اوهان کي زمين مان پيدا ڪيو ۽ منجهس اوهان کي آباد ڪيائين تنهن ڪري کانئس بخشش گهرو وري سندس اڳيان توبھ ڪريو۔ بيشڪ منهنجو پالڻهار ويجهو (۽) قبول ڪندڙ آهي (٦١). چيائون تہ اي صالح! هن کان اڳ بيشڪ اسين تو ۾ (ڪيئي) اميدون رکندا هئاسون (جي هاڻي بند ٿيون) اسان جي اَبن ڏاڏن جن کي پوڄيو تن جي پوڄڻ کان اسان کي ڇو ٿو جهلين؟ ۽ جنهن ڏانهن اسان کي سڏين ٿو تنهن کان اسين بلڪل شڪ ۾ پيل آهيون (٦٢).

قَالَ يٰقَوْمِ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كُنْتُ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّىْ وَاٰتٰىنِىْ مِنْهُ
رَحْمَةً فَمَنْ يَّنْصُرُنِىْ مِنَ اللّٰهِ اِنْ عَصَيْتُهٗ قف فَمَا تَزِيْدُوْنَنِىْ غَيْرَ
تَخْسِيْرٍ ﴿۶۳﴾ وَيٰقَوْمِ هٰذِهٖ نَاقَةُ اللّٰهِ لَكُمْ اٰيَةً فَذَرُوْهَا تَاْكُلْ فِىْٓ
اَرْضِ اللّٰهِ وَلَا تَمَسُّوْهَا بِسُوْٓءٍ فَيَاْخُذَكُمْ عَذَابٌ قَرِيْبٌ ﴿۶۴﴾
فَعَقَرُوْهَا فَقَالَ تَمَتَّعُوْا فِىْ دَارِكُمْ ثَلٰثَةَ اَيَّامٍ ؕ ذٰلِكَ وَعْدٌ غَيْرُ
مَكْذُوْبٍ ﴿۶۵﴾ فَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا نَجَّيْنَا صٰلِحًا وَّالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ
بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَمِنْ خِزْىِ يَوْمِئِذٍ ؕ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ الْقَوِىُّ الْعَزِيْزُ ﴿۶۶﴾
وَاَخَذَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوا الصَّيْحَةُ فَاَصْبَحُوْا فِىْ دِيَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ﴿۶۷﴾ لا
كَاَنْ لَّمْ يَغْنَوْا فِيْهَا ؕ اَلَآ اِنَّ ثَمُوْدَا۠ كَفَرُوْا رَبَّهُمْ ؕ اَلَا بُعْدًا
لِّثَمُوْدَ ﴿۶۸﴾ ع وَلَقَدْ جَآءَتْ رُسُلُنَآ اِبْرٰهِيْمَ بِالْبُشْرٰى قَالُوْا سَلٰمًا ؕ
قَالَ سَلٰمٌ فَمَا لَبِثَ اَنْ جَآءَ بِعِجْلٍ حَنِيْذٍ ﴿۶۹﴾ فَلَمَّا رَآٰ اَيْدِيَهُمْ
لَا تَصِلُ اِلَيْهِ نَكِرَهُمْ وَاَوْجَسَ مِنْهُمْ خِيْفَةً ؕ قَالُوْا لَا تَخَفْ اِنَّآ
اُرْسِلْنَآ اِلٰى قَوْمِ لُوْطٍ ؕ ﴿۷۰﴾ وَامْرَاَتُهٗ قَآئِمَةٌ فَضَحِكَتْ فَبَشَّرْنٰهَا
بِاِسْحٰقَ لا وَمِنْ وَّرَآءِ اِسْحٰقَ يَعْقُوْبَ ﴿۷۱﴾ قَالَتْ يٰوَيْلَتٰىٓ ءَاَلِدُ
وَاَنَا عَجُوْزٌ وَّهٰذَا بَعْلِىْ شَيْخًا ؕ اِنَّ هٰذَا لَشَىْءٌ عَجِيْبٌ ﴿۷۲﴾

(صالح) چيو تہ اي منهنجي قوم! (مون کي اوهين) ڏسو تہ سهي تہ جيڪڏهن آءٌ پنهنجي پالڻهار کان چٽيءَ حجت تي هجان ۽ پنهنجي طرف کان مون تي (نبوت جي) ٻاجھ ڪئي هجيس تہ جيڪڏهن (آءٌ اوهان جو چيو مڃي) سندس نافرماني ڪريان تہ الله کان مون کي ڪير ڇڏائيندو؟ پوءِ اوهان مون لاءِ رڳو نقصان وڌايو (٦٣). ۽ اي منهنجي قوم! هيءَ الله جي ڏاچي اوهان لاءِ نشاني (معجزو) آهي پوءِ اُن کي ڇڏيو تہ الله جي زمين ۾ (جتي وڻيس اُتي) چري ۽ ان کي ڪو ايذاءُ نہ پهچائجو نہ تہ پوءِ اوهان کي سنت عذاب (اچي) وٺندو (٦٤). پوءِ ان جون ڪُچون ڪپي (ماري وڌائون) پوءِ (صالح) چيو تہ اوهين پنهنجن گهرن ۾ (چڙا) ٽي ڏينهن وسو رسو- اِهو انجام ڪوڙو نہ آهي (٦٥). پوءِ جنهن مهل اسان جو عذاب آيو (تنهن مهل) صالح ۽ جن ساڻس ايمان آندو هو تن کي پنهنجيءَ ٻاجھ سان بچايوسون ۽ قيامت جي ڏينهن جي خواريءَ کان (بہ)- تحقيق تنهنجو پالڻهار وڏو طاقت وارو (۽) غالب آهي (٦٦). ۽ (اُنهن) ظالمن کي هڪ راڙ ورتو پوءِ صبح جو پنهنجن حويلين ۾ ڪرونڊڙا ٿي (مري) ويا (٦٧). جڻ تہ انهن ۾ رهيا ئي نہ هئا. خبردار ٿيو! ثمود (جي قوم) پنهنجي پاليندڙ جو انڪار ڪيو. خبردار ٿيو! ثمود (جي قوم) تي لعنت پئي (٦٨). ۽ بيشڪ اسان جا قاصد ابراهيم وٽ خوشخبري (ڏيڻ) لاءِ آيا (پوءِ) سلام ڏنائون، (ابراهيم) سلام ورايو پوءِ ڀڳل ڳابي (جي گوشت آڻڻ) ۾ ڪا دير نہ ڪيائين (٦٩). پوءِ جنهن مهل سندن هٿن کي اُن (گوشت) ڏانهن نہ پهچندو ڏٺائين (تنهن مهل) کين اوپرو ڀانيائين ۽ کانئن دل ۾ ڊنو. چيائون تہ نہ ڊڄ اسان کي لوط جي قوم ڏانهن موڪليو ويو آهي (٧٠). ۽ سنديس زال جا بيٺل هئي سا کِلي. پوءِ ان کي اسحاق جي (ڄمڻ) جي ۽ اسحاق جي پٺيان يعقوب جي مبارڪ ڏني سون (٧١). چيائين تہ هاءِ افسوس! آءٌ هن حالت ۾ ڄڻينديس ڇا؟ جو آءٌ (پاڻ) ڪراڙي جهور آهيان ۽ هيءُ منهنجو مڙس بہ ٻڍو آهي- بيشڪ هيءَ ڳالھ ضرور عجب جهڙي آهي (٧٢).

قَالُوْۤا اَتَعْجَبِيْنَ مِنْ اَمْرِ اللّٰهِ رَحْمَتُ اللّٰهِ وَبَرَكٰتُهٗ عَلَيْكُمْ اَهْلَ
الْبَيْتِ ؕ اِنَّهٗ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ﴿۷۳﴾ فَلَمَّا ذَهَبَ عَنْ اِبْرٰهِيْمَ الرَّوْعُ
وَجَآءَتْهُ الْبُشْرٰى يُجَادِلُنَا فِىْ قَوْمِ لُوْطٍ ؕ﴿۷۴﴾ اِنَّ اِبْرٰهِيْمَ
لَحَلِيْمٌ اَوَّاهٌ مُّنِيْبٌ ﴿۷۵﴾ يٰۤاِبْرٰهِيْمُ اَعْرِضْ عَنْ هٰذَا ۚ اِنَّهٗ قَدْ
جَآءَ اَمْرُ رَبِّكَ ۚ وَاِنَّهُمْ اٰتِيْهِمْ عَذَابٌ غَيْرُ مَرْدُوْدٍ ﴿۷۶﴾ وَلَمَّا
جَآءَتْ رُسُلُنَا لُوْطًا سِیْٓءَ بِهِمْ وَضَاقَ بِهِمْ ذَرْعًا وَّقَالَ هٰذَا
يَوْمٌ عَصِيْبٌ ﴿۷۷﴾ وَجَآءَهٗ قَوْمُهٗ يُهْرَعُوْنَ اِلَيْهِ ؕ وَمِنْ قَبْلُ
كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ السَّيِّاٰتِ ؕ قَالَ يٰقَوْمِ هٰۤؤُلَآءِ بَنَاتِىْ هُنَّ اَطْهَرُ
لَكُمْ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَلَا تُخْزُوْنِ فِىْ ضَيْفِىْ ؕ اَلَيْسَ مِنْكُمْ رَجُلٌ
رَّشِيْدٌ ﴿۷۸﴾ قَالُوْا لَقَدْ عَلِمْتَ مَا لَنَا فِىْ بَنٰتِكَ مِنْ حَقٍّ ۚ
وَاِنَّكَ لَتَعْلَمُ مَا نُرِيْدُ ﴿۷۹﴾ قَالَ لَوْ اَنَّ لِىْ بِكُمْ قُوَّةً اَوْ
اٰوِىْۤ اِلٰى رُكْنٍ شَدِيْدٍ ﴿۸۰﴾ قَالُوْا يٰلُوْطُ اِنَّا رُسُلُ رَبِّكَ
لَنْ يَّصِلُوْۤا اِلَيْكَ فَاَسْرِ بِاَهْلِكَ بِقِطْعٍ مِّنَ الَّيْلِ وَلَا
يَلْتَفِتْ مِنْكُمْ اَحَدٌ اِلَّا امْرَاَتَكَ ؕ اِنَّهٗ مُصِيْبُهَا مَاۤ اَصَابَهُمْ ؕ
اِنَّ مَوْعِدَهُمُ الصُّبْحُ ؕ اَلَيْسَ الصُّبْحُ بِقَرِيْبٍ ﴿۸۱﴾

چيائون تہ الله جي قدرت تي چو تي عجب ڪرين؟ اي هن گهر وارؤ! اوهان تي الله جي ٻاجھ ۽ سندس برڪتون آهن- بيشڪ اُهو (الله) ساراهيل وڏائيءَ وارو آهي (۷۳). پوءِ جنهن مهل ابراهيم کان ڀَوءُ لٿو ۽ خوشخبري پهتس (تنهن مهل) لوط جي قوم بابت اسان سان تڪرار ڪرڻ لڳو (۷۴). چو تہ ابراهيم بردبار نرم دل (الله ڏانهن) موٽندڙ هو (۷۵). (چيوسون تہ) اي ابراهيم انهيءَ (ڳالھ) کان مڙي وڃ چو تہ تنهنجي پالڻهار (جي عذاب) جو حڪم اچي چڪو آهي، ۽ کين اڻ ٽر عذاب اچڻ وارو آهي (۷٦). ۽ جڏهن اسان جا قاصد لوط وٽ آيا (تڏهن) سندن (اچڻ) سببان خفي ٿيو ۽ اُنهن جي سببان تنگ دل ٿيو ۽ چيائين تہ هيءُ ڏينهن ڏاڍو سخت آهي! (۷۷). ۽ سندس قوم ڏانهنس ڊوڙندي آئي- ۽ (اُهي) اڳي بچڙا ڪم ڪندا هئا- چيائين تہ اي منهنجي قوم! هي منهنجيون ڌيئرون اوهان (جي نڪاح) لاءِ ڏاڍيون سٺيون آهن پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجي مهمانن (سان بڇڙي هلت ڪرڻ) ۾ مون کي لڄي نہ ڪريو. اوهان ۾ ڪو ڀلارو مڙس ڪونهي ڇا (جو اوهان کي جهلي)؟ (۷۸). چيائون تہ تون پڪي طرح ڄاڻي چڪو آهين تہ اسان کي تنهنجي ڌيئرن ۾ ڪا احتياجي ڪانهي، ۽ جيڪي اسين گهرون ٿا سو ضرور تون ڄاڻندو آهين (۷۹). (لوط) چيو تہ جيڪڏهن مون کي اوهان سان ڪا (مقابلي جي) سگھ هجي ها يا ڪنهن مضبوط سهاري ڏانهن پناھ وٺان ها! (تہ جيڪي ڪرڻو هو سو ڪريان ها) (۸۰). (ملائڪن) چيو تہ اي لوط! اسين تنهنجي پالڻهار جا موڪليل آهيون (اُهي) تو وٽ ڪڏهن پهچي نہ سگهندا پوءِ (تون) پنهنجي گهر وارن سوڌو ڪجھ رات ڏيئي نڪر ۽ اوهان کي جڳائي تہ ڪو هڪڙو پوئتي (ڪافرن جي عذاب ڏانهن) نہ واجهائي پر تنهنجي زال (واجهائيندي)- هن ڪري جو جيڪو (عذاب) اُن (ڪافرن جي) قوم کي پهچندو سو اُن کي (بہ) پهچڻو آهي- سندن (عذاب پهچڻ جي) انجام جي مهل صبح آهي (تون اُبهارو نہ ٿي) صبح ويجهو نہ آهي ڇا؟ (۸۱).

فَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا جَعَلْنَا عَالِيَهَا سَافِلَهَا وَاَمْطَرْنَا عَلَيْهَا
حِجَارَةً مِّنْ سِجِّيْلٍ ۙ مَّنْضُوْدٍ ﴿۸۲﴾ مُّسَوَّمَةً عِنْدَ رَبِّكَ ؕ وَ
مَا هِيَ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ بِبَعِيْدٍ ﴿۸۳﴾ وَاِلٰى مَدْيَنَ اَخَاهُمْ شُعَيْبًا ؕ
قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ وَلَا
تَنْقُصُوا الْمِكْيَالَ وَالْمِيْزَانَ اِنِّيْۤ اَرٰىكُمْ بِخَيْرٍ وَّاِنِّيْۤ
اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ مُّحِيْطٍ ﴿۸۴﴾ وَيٰقَوْمِ اَوْفُوا
الْمِكْيَالَ وَالْمِيْزَانَ بِالْقِسْطِ وَلَا تَبْخَسُوا النَّاسَ اَشْيَآءَهُمْ
وَلَا تَعْثَوْا فِي الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ﴿۸۵﴾ بَقِيَّتُ اللّٰهِ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ
كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۚ۬ وَمَاۤ اَنَا عَلَيْكُمْ بِحَفِيْظٍ ﴿۸۶﴾ قَالُوْا يٰشُعَيْبُ
اَصَلٰوتُكَ تَاْمُرُكَ اَنْ نَّتْرُكَ مَا يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَاۤ اَوْ اَنْ نَّفْعَلَ
فِيْۤ اَمْوَالِنَا مَا نَشٰٓؤُا ؕ اِنَّكَ لَاَنْتَ الْحَلِيْمُ الرَّشِيْدُ ﴿۸۷﴾ قَالَ
يٰقَوْمِ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كُنْتُ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَرَزَقَنِيْ مِنْهُ
رِزْقًا حَسَنًا ؕ وَمَاۤ اُرِيْدُ اَنْ اُخَالِفَكُمْ اِلٰى مَاۤ اَنْهٰىكُمْ
عَنْهُ ؕ اِنْ اُرِيْدُ اِلَّا الْاِصْلَاحَ مَا اسْتَطَعْتُ ؕ وَمَا
تَوْفِيْقِيْۤ اِلَّا بِاللّٰهِ ؕ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَاِلَيْهِ اُنِيْبُ ﴿۸۸﴾

پوءِ جنهن مهل اسان جو حڪم پهتو (تنهن مهل) اُن (ڳوٺ جي) مٿاهين (پر) کي هيٺاهون ڪيوسون ۽ اُن تي پڪي مٽيءَ جا ڳوڙها لڳو لڳ وساياسون (٨٢). جو تنهنجي پالڻهار وٽان نشان ٿيل هئا- ۽ اُها (سزا) ظالمن کان پري نہ هئي (٨٣). ۽ مدين (جي قوم) ڏانهن سندن ڀاءُ شعيب کي موڪليوسون- (شعيب) چيو تہ اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو اُن کان سواءِ اوهان جو ڪو معبود ڪونهي- ۽ ماڻ ۽ تور گهٽائي نہ ڏيو آءٌ اوهان کي آسودو ڏسان ٿو آءٌ اوهان تي وڪوڙيندڙ ڏينهن جي عذاب (پهچڻ) کان ڊڄان ٿو (٨٤). ۽ اي منهنجي قوم ماڻ ۽ تور انصاف سان پوري ڏيو وٺو ۽ ماڻهن کي سندين شيون گهٽائي نہ ڏيو ۽ نڪي ملڪ ۾ فسادي ٿي بگيڙ وجهو (٨٥). جيڪڏهن اوهين مؤمن آهيو تہ الله جي بچايل بچت اوهان لاءِ ڀلي آهي، ۽ آءٌ اوهان تي نگهبان نہ آهيان (٨٦). چيائون تہ اي شعيب! تنهنجي نماز توکي حڪم ڪيو آهي ڇا تہ جنهن کي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا هئا تنهن کي يا پنهنجن مالن ۾ جيڪي ڪرڻ گهرندا آهيون سو ڇڏي ڏيون، (چٿر ڪري چيائون) تہ بيشڪ تون بردبار سئين رستي وارو آهين (٨٧). (شعيب) چيو تہ اي منهنجي قوم! (اوهين) ڏسو تہ سهي تہ (آءٌ) جيڪڏهن پنهنجي پالڻهار کان چٽيءَ حجت تي هجان ۽ پنهنجي پار کان چڱي روزي مون کي ڏني هجيس (تہ اوهان جو چيو ڪيئن مڃيندس)- ۽ جنهن کان اوهان کي جهليان ٿو تنهن کان اوهان (کي جهلڻ) جو ابتڙ هلڻ نہ ٿو گهران- جيترو وس پهچم سو سڌاري ڪرڻ کان سواءِ نہ گهرندس- ۽ الله (جي فضل) کان سواءِ مون کي ڪا سگهہ نہ آهي- مٿس ڀروسو ڪيم ۽ ڏانهس رجوع ڪريان ٿو (٨٨).

وَيٰقَوْمِ لَا يَجْرِمَنَّكُمْ شِقَاقِيْٓ اَنْ يُّصِيْبَكُمْ مِّثْلُ مَآ اَصَابَ
قَوْمَ نُوْحٍ اَوْ قَوْمَ هُوْدٍ اَوْ قَوْمَ صٰلِحٍ ؕ وَمَا قَوْمُ لُوْطٍ مِّنْكُمْ
بِبَعِيْدٍ ﴿٨٩﴾ وَاسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ ؕ اِنَّ رَبِّيْ رَحِيْمٌ
وَّدُوْدٌ ﴿٩٠﴾ قَالُوْا يٰشُعَيْبُ مَا نَفْقَهُ كَثِيْرًا مِّمَّا تَقُوْلُ وَاِنَّا
لَنَرٰىكَ فِيْنَا ضَعِيْفًا ۚ وَلَوْلَا رَهْطُكَ لَرَجَمْنٰكَ ۫ وَمَآ اَنْتَ عَلَيْنَا
بِعَزِيْزٍ ﴿٩١﴾ قَالَ يٰقَوْمِ اَرَهْطِيْٓ اَعَزُّ عَلَيْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَ
اتَّخَذْتُمُوْهُ وَرَآءَكُمْ ظِهْرِيًّا ؕ اِنَّ رَبِّيْ بِمَا تَعْمَلُوْنَ مُحِيْطٌ ﴿٩٢﴾
وَيٰقَوْمِ اعْمَلُوْا عَلٰى مَكَانَتِكُمْ اِنِّيْ عَامِلٌ ؕ سَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۙ
مَنْ يَّاْتِيْهِ عَذَابٌ يُّخْزِيْهِ وَمَنْ هُوَ كَاذِبٌ ؕ وَارْتَقِبُوْٓا اِنِّيْ
مَعَكُمْ رَقِيْبٌ ﴿٩٣﴾ وَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا نَجَّيْنَا شُعَيْبًا وَّالَّذِيْنَ
اٰمَنُوْا مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا ۚ وَاَخَذَتِ الَّذِيْنَ ظَلَمُوا الصَّيْحَةُ
فَاَصْبَحُوْا فِيْ دِيَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ﴿٩٤﴾ ۙ كَاَنْ لَّمْ يَغْنَوْا فِيْهَا ؕ اَلَا
بُعْدًا لِّمَدْيَنَ كَمَا بَعِدَتْ ثَمُوْدُ ﴿٩٥﴾ ع وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى
بِاٰيٰتِنَا وَسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿٩٦﴾ ۙ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ
فَاتَّبَعُوْٓا اَمْرَ فِرْعَوْنَ ۚ وَمَآ اَمْرُ فِرْعَوْنَ بِرَشِيْدٍ ﴿٩٧﴾

۽ اي منهنجي قوم! اوهان کي مون سان دشمني ڪرڻ اهڙي عذاب پهچڻ جو سبب نہ بڻجي جهڙو عذاب نوح جي قوم يا هود جي قوم يا صالح جي قوم کي پهتو- ۽ لوط جي قوم اوهان کان ڪا پري نہ آهي (٨٩). ۽ پنهنجي پالڻهار کان بخشش گهرو وري ان ڏانهن توبه ڪريو- چو تہ منهنجو پالڻهار مهربان (سڀ ڪنهن جو) سچڻ آهي (٩٠). چيائون تہ اي شعيب! جيڪي تون چوين ٿو تنهن مان گهڻو نہ ٿا سمجهون ۽ توکي پاڻ مان بلڪل هيڻو ڏسون ٿا، ۽ جيڪڏهن تنهنجو ڪٽنب نہ هجي ها تہ توکي پٿرن سان ماريون ها ۽ تون اسان تي ڪو سردار نہ آهين (٩١). (شعيب) چيو تہ اي منهنجي قوم! اوهان وٽ منهنجو ڪٽنب الله کان وڌيڪ پيارو آهي ڇا؟ ۽ اُن (الله جي حڪم) کي پنهنجيءَ پٺيءَ پويان اُڇلي ڇڏيو اٿوَ- بيشڪ جيڪي ڪندا آهيو تنهن کي منهنجو پالڻهار بلڪل ڄاڻندڙ آهي (٩٢). ۽ اي منهنجي قوم! اوهين پنهنجي پِر تي عمل ڪريو آءٌ (بہ) عمل ڪندڙ آهيان- سگهوئي ڄاڻندؤ تہ ڪنهن کي عذاب پهچي ٿو جو کيس خوار ڪندو ۽ جيڪو ڪوڙو آهي تنهنکي بہ- ۽ انتظار ڪريو آءٌ (بہ) اوهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيان (٩٣). ۽ جنهن مهل اسان جو عذاب آيو تنهن مهل شعيب کي ۽ جن ساڻس ايمان آندو هو تن کي پنهنجي ٻاجھ سان بچايوسون، ۽ ظالمن کي سخت ڪڙڪي (اچي) پڪڙيو پوءِ پنهنجن گهرن ۾ ڪرونڊڙا ٿي (مري) ويا (٩٤). ڄڻڪ منجهن هئائي نہ- خبردار! مدين وارن تي ڦِٽ هجي جهڙي ثمود قوم تي ڦِٽ لعنت ٿي (٩٥). ۽ بيشڪ موسىٰ کي پنهنجين نشانين ۽ پڌري حجت سان موڪليوسون (٩٦). فرعون ۽ سندس سردارن ڏانهن- پوءِ (سڀ ماڻهو) فرعون جي حڪم جي پويان لڳا ۽ فرعون جو حڪم صحيح نہ هو (٩٧).

يَقْدُمُ قَوْمَهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فَاَوْرَدَهُمُ النَّارَ ؕ وَبِئْسَ الْوِرْدُ
الْمَوْرُوْدُ ﴿٩٨﴾ وَاُتْبِعُوْا فِیْ هٰذِهٖ لَعْنَةً وَّيَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ بِئْسَ
الرِّفْدُ الْمَرْفُوْدُ ﴿٩٩﴾ ذٰلِكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الْقُرٰى نَقُصُّهٗ عَلَيْكَ مِنْهَا
قَآئِمٌ وَّحَصِيْدٌ ﴿١٠٠﴾ وَمَا ظَلَمْنٰهُمْ وَلٰكِنْ ظَلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ فَمَاۤ
اَغْنَتْ عَنْهُمْ اٰلِهَتُهُمُ الَّتِیْ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ
شَیْءٍ لَّمَّا جَآءَ اَمْرُ رَبِّكَ ؕ وَمَا زَادُوْهُمْ غَيْرَ تَتْبِيْبٍ ﴿١٠١﴾ وَكَذٰلِكَ
اَخْذُ رَبِّكَ اِذَاۤ اَخَذَ الْقُرٰى وَهِیَ ظَالِمَةٌ ؕ اِنَّ اَخْذَهٗۤ اَلِيْمٌ
شَدِيْدٌ ﴿١٠٢﴾ اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّمَنْ خَافَ عَذَابَ الْاٰخِرَةِ ؕ
ذٰلِكَ يَوْمٌ مَّجْمُوْعٌ ۙ لَّهُ النَّاسُ وَذٰلِكَ يَوْمٌ مَّشْهُوْدٌ ﴿١٠٣﴾ وَمَا
نُؤَخِّرُهٗۤ اِلَّا لِاَجَلٍ مَّعْدُوْدٍ ؕ ﴿١٠٤﴾ يَوْمَ يَاْتِ لَا تَكَلَّمُ نَفْسٌ اِلَّا
بِاِذْنِهٖ ۚ فَمِنْهُمْ شَقِیٌّ وَّسَعِيْدٌ ﴿١٠٥﴾ فَاَمَّا الَّذِيْنَ شَقُوْا فَفِی
النَّارِ لَهُمْ فِيْهَا زَفِيْرٌ وَّشَهِيْقٌ ۙ ﴿١٠٦﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا مَا دَامَتِ
السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُ اِلَّا مَا شَآءَ رَبُّكَ ؕ اِنَّ رَبَّكَ فَعَّالٌ لِّمَا
يُرِيْدُ ﴿١٠٧﴾ وَاَمَّا الَّذِيْنَ سُعِدُوْا فَفِی الْجَنَّةِ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا مَا دَامَتِ
السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُ اِلَّا مَا شَآءَ رَبُّكَ ؕ عَطَآءً غَيْرَ مَجْذُوْذٍ ﴿١٠٨﴾

قيامت جي ڏينهن (فرعون) پنهنجي قوم جو اڳواڻ ٿيندو پوءِ کين باھ ۾ گهيڙيندو۔ ۽ جنهن گهٽ ۾ گهيڙيا ويندا سو بڇڙو آهي (٩٨). ۽ هن (دنيا) ۾ (بہ) لعنت اُنهن کي پويان لڳائي ويئي ۽ قيامت جي ڏينهن (بہ)۔ جيڪو (لعنت جو) انعام ملين سو بڇڙو آهي (٩٩). (اي پيغمبر!) اِهي ڳوٺن جون خبرون آهن جي تو تي بيان ڪريون ٿا اُنهن مان (ڪي) قائم بيٺل ۽ (ڪي) ناس ٿيل آهن (١٠٠). ۽ اسان اُنهن تي ظلم نہ ڪيو پر هنن پاڻ تي (پاڻهين) ظلم ڪيو پوءِ جنهن مهل تنهنجي پالڻهار جو حڪم پهتو (تنهن مهل) سندن معبودن، جن کي الله کان سواءِ سڏيندا هئا ڪائڻ ڪجھ بہ نہ ٽاريو۔ ۽ هلاڪيءَ کان سواءِ (ٻيو ڪجھ) کين نہ وڌايائون (١٠١). ائين تنهنجي پالڻهار جو اُن مهل ڳوٺن (وارن) کي اُن حالت ۾ پڪڙڻ ٿيندو آهي جنهن مهل اهي ظلم ڪندڙ ٿيندا آهن۔ بيشڪ سندس پڪڙ سخت ڏکوئيندڙ آهي (١٠٢). بيشڪ اِن (ڳالھ) ۾ اُنهيءَ لاءِ نشاني آهي جو آخرت جي عذاب کان ڊنو آهي۔ اِهو اُهو ڏينهن آهي جنهن ۾ ماڻهن کي ميڙبو ۽ اِهو اُهو ڏينهن آهي جنهن ۾ (سڀ) حاضر ٿيندا (١٠٣). ۽ ٿورڙي مدت کان سواءِ اُن کي نہ ٿا پٺتي ڪريون (١٠٤). جنهن ڏينهن (اُهو) ايندو تہ ڪو ماڻهو اُن (الله) جي موڪل کان سواءِ نہ ڳالهائيندو، پوءِ اُنهن مان ڪي بدبخت ۽ ڪي نيڪ بخت هوندا (١٠٥). پوءِ جيڪي بدبخت ٿيا سي باھ ۾ (گهڙندا) اُنهن کي منجهس رڙيون ۽ دانهون هونديون (١٠٦). جيسترو وقت تنهنجي پالڻهار گهريو اُن کان سواءِ آسمانن ۽ زمين جي بقاءَ هجڻ تائين منجهس سدائين رهندا۔ ڇو تہ تنهنجو پالڻهار جيڪي گهرندو آهي سو ڪندو آهي (١٠٧). ۽ جيڪي نيڪ بخت ڪيا ويا سي بهشت ۾ (گهڙندا ۽) جيسترو وقت تنهنجي پالڻهار گهريو اُن کان سواءِ آسمانن ۽ زمين جي بقاءَ هجڻ تائين منجهس سدائين رهندا (اِها) بخشش اَڻ ڪٽ آهي (١٠٨).

فَلَا تَكُ فِيْ مِرْيَةٍ مِّمَّا يَعْبُدُ هٰٓؤُلَآءِ ؕ مَا يَعْبُدُوْنَ اِلَّا كَمَا
يَعْبُدُ اٰبَآؤُهُمْ مِّنْ قَبْلُ ؕ وَاِنَّا لَمُوَفُّوْهُمْ نَصِيْبَهُمْ غَيْرَ
مَنْقُوْصٍ ﴿۱۰۹﴾ وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ فَاخْتُلِفَ فِيْهِ ؕ وَ
لَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ ؕ وَاِنَّهُمْ لَفِيْ
شَكٍّ مِّنْهُ مُرِيْبٍ ﴿۱۱۰﴾ وَاِنَّ كُلًّا لَّمَّا لَيُوَفِّيَنَّهُمْ رَبُّكَ اَعْمَالَهُمْ ؕ
اِنَّهٗ بِمَا يَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿۱۱۱﴾ فَاسْتَقِمْ كَمَآ اُمِرْتَ وَمَنْ تَابَ
مَعَكَ وَلَا تَطْغَوْا ؕ اِنَّهٗ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۱۱۲﴾ وَلَا تَرْكَنُوْٓا اِلَى
الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا فَتَمَسَّكُمُ النَّارُ ۙ وَمَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ
اَوْلِيَآءَ ثُمَّ لَا تُنْصَرُوْنَ ﴿۱۱۳﴾ وَاَقِمِ الصَّلٰوةَ طَرَفَيِ النَّهَارِ وَزُلَفًا
مِّنَ الَّيْلِ ؕ اِنَّ الْحَسَنٰتِ يُذْهِبْنَ السَّيِّاٰتِ ؕ ذٰلِكَ ذِكْرٰى
لِلذّٰكِرِيْنَ ﴿۱۱۴﴾ ۚ وَاصْبِرْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۱۵﴾ فَلَوْلَا
كَانَ مِنَ الْقُرُوْنِ مِنْ قَبْلِكُمْ اُولُوْا بَقِيَّةٍ يَّنْهَوْنَ عَنِ
الْفَسَادِ فِي الْاَرْضِ اِلَّا قَلِيْلًا مِّمَّنْ اَنْجَيْنَا مِنْهُمْ ۚ وَاتَّبَعَ
الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مَآ اُتْرِفُوْا فِيْهِ وَكَانُوْا مُجْرِمِيْنَ ﴿۱۱۶﴾ وَمَا
كَانَ رَبُّكَ لِيُهْلِكَ الْقُرٰى بِظُلْمٍ وَّاَهْلُهَا مُصْلِحُوْنَ ﴿۱۱۷﴾

تنهن ڪري اِهي جيڪا پوڄا ڪندا آهن تنهن کان تون شڪ ۾ نہ رهہ۔ جهڙو سندن ڀيءُ ڏاڏا اڳ پوڄيندا هئا اُن کان سواءِ اِهي نہ پوڄيندا آهن۔ ۽ اسين کين اَڻ ڪٽ (عذاب جو) حصو پورو ڏيندڙ آهيون (١٠٩). ۽ بيشڪ موسىٰ کي ڪتاب ڏنوسون پوءِ منجهس اختلاف پيو۔ جيڪڏهن تنهنجي پالڻهار جو حڪم اڳي نہ ٿي چڪي ها تہ سندن وچ ۾ فيصلو ڪيو وڃي ها۔ ۽ اُهي کانئس وڏي شڪ ۾ پيل آهن (١١٠). ۽ جنهن مهل (اُٿاريا ويندا تنهن مهل) سڀ ڪنهن کي تنهنجو پالڻهار سندن اعمالن جو پورو بدلو ڏيندو۔ ڇو تہ جيڪي ڪندا آهن تنهن جي اُهو خبر رکندڙ آهي (١١١). پوءِ جيئن توکي حڪم ڪيو ويو آهي تيئن تون محڪم رهہ ۽ جن تو ساڻ توبهہ ڪئي (سي بہ محڪم رهن) ۽ حد کان نہ لنگهو۔ ڇو تہ جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي (١١٢). ۽ ظالمن ڏانهن لاڙو نہ ڪريو نہ تہ اوهان کي باهہ لڳندي ۽ الله کان سواءِ ڪو اوهان جو دوست نہ آهي وري مدد نہ ڏبو (١١٣). ۽ ڏينهن جي اڳياڙيءَ ۽ پوياڙيءَ جي وقتن ۾ ۽ ڪو وقت رات ۾ (بہ) نماز پڙهہ۔ ڇو تہ چڱايون مداين کي نيندديون آهن۔ نصيحت وٺندڙن لاءِ اها نصيحت آهي (١١٤). ۽ صبر ڪر ڇو تہ الله ڀلارن جو اَجر نہ وڃائيندو آهي (١١٥). پوءِ اوهان کان اڳ اڳين صدين وارن مان (گهڻا) سمجهہ ڀريا ڇو نہ ٿيا؟ جو (ماڻهن کي) ملڪ ۾ فساد (وجهڻ) کان جهلين ها پر ڪي ٿورڙا ٿيا جن کي منجهانئن بچايوسون ۽ جيڪي ظالم هئا سي جنهن (مال) ۾ آسودا ڪيا ويا تنهن جي پٺيان لڳا ۽ اُهي ڏوهاري هئا (١١٦). ۽ (اي پيغمبر!) تنهنجو پالڻهار اهڙو نہ آهي جو ڳوٺن (وارن) کي سندن سڌريل رهاڪن هوندي ظلم سان ناس ڪري ڇڏي (١١٧).

وَلَوْ شَآءَ رَبُّكَ لَجَعَلَ النَّاسَ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلَا يَزَالُوْنَ
مُخْتَلِفِيْنَ ﴿١١٨﴾ اِلَّا مَنْ رَّحِمَ رَبُّكَ ؕ وَلِذٰلِكَ خَلَقَهُمْ ؕ وَتَمَّتْ كَلِمَةُ
رَبِّكَ لَاَمْلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ ﴿١١٩﴾ وَكُلًّا
نَّقُصُّ عَلَيْكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الرُّسُلِ مَا نُثَبِّتُ بِهٖ فُؤَادَكَ ۚ وَجَآءَكَ
فِيْ هٰذِهِ الْحَقُّ وَمَوْعِظَةٌ وَّذِكْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٢٠﴾ وَقُلْ لِّلَّذِيْنَ لَا
يُؤْمِنُوْنَ اعْمَلُوْا عَلٰى مَكَانَتِكُمْ ؕ اِنَّا عٰمِلُوْنَ ﴿١٢١﴾ لا وَانْتَظِرُوْا ۚ اِنَّا
مُنْتَظِرُوْنَ ﴿١٢٢﴾ وَلِلّٰهِ غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَاِلَيْهِ يُرْجَعُ الْاَمْرُ
كُلُّهٗ فَاعْبُدْهُ وَتَوَكَّلْ عَلَيْهِ ؕ وَمَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٢٣﴾ ع

## سُوْرَةُ يُوْسُفَ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الٓرٰ قف تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ﴿١﴾ قف اِنَّآ اَنْزَلْنٰهُ قُرْءٰنًا عَرَبِيًّا
لَّعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿٢﴾ نَحْنُ نَقُصُّ عَلَيْكَ اَحْسَنَ الْقَصَصِ بِمَآ
اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ هٰذَا الْقُرْاٰنَ ۖ ق وَاِنْ كُنْتَ مِنْ قَبْلِهٖ لَمِنَ
الْغٰفِلِيْنَ ﴿٣﴾ اِذْ قَالَ يُوْسُفُ لِاَبِيْهِ يٰۤاَبَتِ اِنِّيْ رَاَيْتُ اَحَدَ
عَشَرَ كَوْكَبًا وَّالشَّمْسَ وَالْقَمَرَ رَاَيْتُهُمْ لِيْ سٰجِدِيْنَ ﴿٤﴾

۽ جيڪڏهن تنهنجو پالڻهار گهري ها تہ (سڀني) ماڻهن کي (هڪ ئي) امت ڪري ها ۽ (اُهي) سدائين اختلاف ڪندا رهندا (١١٨). پر جن تي تنهنجي پالڻهار رحم ڪيو (سي هڪ ئي دين تي رهندا)۔ ۽ ڪين اُنهيءَ لاءِ الله پيدا ڪيو آهي۔ ۽ تنهنجي پالڻهار جو (هيءُ) ٻول پورو ٿيو تہ جِنن ۽ ماڻهن مان گڏي دوزخ ضرور ڀريندس (١١٩). ۽ (اي پيغمبر!) پيغمبرن جي خبرن مان تو وٽ اوترو بيان ڪريون ٿا جنهن سان تنهنجي دل کي مضبوط ڪريون، ۽ اُنهن (خبرن) ۾، حق ۽ مؤمنن لاءِ نصيحت ۽ سمجهاڻي تو وٽ آئي آهي (١٢٠). ۽ (اي پيغمبر) جيڪي نہ مڃيندا آهن تن کي چؤ تہ اوهين پنهنجي جاءِ تي عمل ڪريو اسين (بہ) عمل ڪندڙ آهيون (١٢١). ۽ انتظار ڪريو، اسين (بہ) انتظار ڪندڙ آهيون (١٢٢). ۽ آسمانن ۽ زمين جو ڳجهہ رڳو الله کي (معلوم) آهي ۽ سڀ ڪم ڏانهس موٽايا ويندا آهن پوءِ سندس عبادت ڪر ۽ مٿس ڀروسو رک۔ ۽ جيڪي اوهين ڪندا آهيو تنهن کان تنهنجو پالڻهار بي خبر نہ آهي (١٢٣).

سورة يوسف مڪي آهي ۽ هيءَ هڪ سؤ
يارهن آيتون ۽ ٻارهن رڪوع آهي

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

آلرا۔ هي پڌري ڪتاب جون آيتون آهن (١). ۽ بيشڪ اسان اُن کي قرآن عربي (ٻوليءَ وارو) ڪري نازل ڪيو تہ مانَ اوهين سمجهو (٢).
(اي پيغمبر!) اسين توڏانهن هن قرآن کي پنهنجي وحي موڪلڻ سان تمام سهڻو قصو توکي پڙهي ٻڌايون ٿا ۽ جڏهن تہ (تون) هن کان اڳ بيشڪ بيخبرن مان هئين (٣). (ياد ڪر!) جڏهن يوسف پنهنجي پيءُ کي چيو تہ اي (منهنجا) اَبا! مون يارهن تارا ۽ سج ۽ چنڊ ڏٺا، اُنهن کي ڏٺم تہ مون کي ٿا سجدو ڪن (٤).

قَالَ يٰبُنَيَّ لَا تَقْصُصْ رُءْيَاكَ عَلٰٓى اِخْوَتِكَ فَيَكِيْدُوْا لَكَ
كَيْدًا ؕ اِنَّ الشَّيْطٰنَ لِلْاِنْسَانِ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ۝۵ وَكَذٰلِكَ
يَجْتَبِيْكَ رَبُّكَ وَيُعَلِّمُكَ مِنْ تَاْوِيْلِ الْاَحَادِيْثِ وَيُتِمُّ نِعْمَتَهٗ
عَلَيْكَ وَعَلٰٓى اٰلِ يَعْقُوْبَ كَمَآ اَتَمَّهَا عَلٰٓى اَبَوَيْكَ مِنْ قَبْلُ
اِبْرٰهِيْمَ وَاِسْحٰقَ ؕ اِنَّ رَبَّكَ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ۝۶ ع لَقَدْ كَانَ فِيْ يُوْسُفَ
وَاِخْوَتِهٖٓ اٰيٰتٌ لِّلسَّآئِلِيْنَ ۝۷ اِذْ قَالُوْا لَيُوْسُفُ وَاَخُوْهُ اَحَبُّ
اِلٰٓى اَبِيْنَا مِنَّا وَنَحْنُ عُصْبَةٌ ؕ اِنَّ اَبَانَا لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنِ ۝۸ ۚ
اقْتُلُوْا يُوْسُفَ اَوِ اطْرَحُوْهُ اَرْضًا يَّخْلُ لَكُمْ وَجْهُ اَبِيْكُمْ وَ
تَكُوْنُوْا مِنْ بَعْدِهٖ قَوْمًا صٰلِحِيْنَ ۝۹ قَالَ قَآئِلٌ مِّنْهُمْ لَا تَقْتُلُوْا
يُوْسُفَ وَاَلْقُوْهُ فِيْ غَيٰبَتِ الْجُبِّ يَلْتَقِطْهُ بَعْضُ السَّيَّارَةِ
اِنْ كُنْتُمْ فٰعِلِيْنَ ۝۱۰ قَالُوْا يٰٓاَبَانَا مَا لَكَ لَا تَاْمَنَّا عَلٰى يُوْسُفَ
وَاِنَّا لَهٗ لَنٰصِحُوْنَ ۝۱۱ اَرْسِلْهُ مَعَنَا غَدًا يَّرْتَعْ وَيَلْعَبْ وَاِنَّا
لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ ۝۱۲ قَالَ اِنِّيْ لَيَحْزُنُنِيْٓ اَنْ تَذْهَبُوْا بِهٖ وَاَخَافُ
اَنْ يَّاْكُلَهُ الذِّئْبُ وَاَنْتُمْ عَنْهُ غٰفِلُوْنَ ۝۱۳ قَالُوْا لَئِنْ
اَكَلَهُ الذِّئْبُ وَنَحْنُ عُصْبَةٌ اِنَّآ اِذًا لَّخٰسِرُوْنَ ۝۱۴

(يعقوب) چيو تہ اي منهنجا پٽڙا! پنهنجو خواب پنهنجن ڀائرن وٽ بيان نہ ڪجِ نہ تہ تو لاءِ ڪو فند ڦيريندا۔ ڇو تہ شيطان انسان جو پڌرو ويري آهي (٥). ۽ اهڙي طرح تنهنجو پالڻهار توکي سڳورو ڪندو ۽ توکي خوابن جو تعبير سيکاريندو ۽ پنهنجي نعمت توتي ۽ يعقوب جي اولاد تي (ائين) پوري ڪندو جيئن اڳ تنهنجي پيءُ ڏاڏي ابراهيم ۽ اسحاق تي پوري ڪيائين بيشڪ تنهنجو پالڻهار ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (٦). بيشڪ يوسف ۽ سندس ڀائرن (جي قصي) ۾ پڇندڙن لاءِ (گھڻيون) نشانيون آهن (٧). جڏهن (پاڻ ۾) چيائون تہ بيشڪ يوسف ۽ سندس (سڳو) ڀاءُ (بنيامين) اسان جي پيءُ وٽ اسان کان وڌيڪ پيارا آهن جيتوڻيڪ اسين (گھڻا ڄڻا) وڏو جٿو آهيون بيشڪ اسان جو پيءُ پڌري ڀُل ۾ آهي (٨). (هاڻي گھرجي تہ) يوسف کي ڪھو يا ڪيس ڪنهن ملڪ ۾ ڦٽي ڪري اچو تہ اوهان جي پيءُ جو توجه رڳو اوهان لاءِ ٿئي ۽ اُن (ڪم) کان پوءِ اوهين سڌريل ٿجو (٩). منجهائئن (هڪ) چوندڙ چيو تہ يوسف کي نہ ماريو ۽ جيڪڏهن (ڪجھ) ڪندڙ آهيو تہ کوھ جي تري ۾ (ڪٽي) اُڇلايوس تہ ڪو واٽھڙو ڪيس ڪڍي ويندو (١٠). (يعقوب کي) چيائون تہ اي بابا! توکي ڇا ٿيو آهي جو يوسف جي باري ۾ توکي اسان تي ڪو ڀروسو نہ ٿو ٿئي حالانڪ اسين سندس خيرخواھ آهيون (١١). سڀاڻي اسان ساڻ ڪيس ڇڏ تہ کائي ۽ کيڏي ۽ اسين سندس نگھبان آهيون (١٢). (يعقوب) چيو تہ اوهان جو ڪيس نئڻ مون کي ضرور مونجھو ٿو ڪري ۽ ڊجان ٿو تہ (متان) ڪيس بگھڙ کائي ۽ اوهين کانئس بيخبر هجو (١٣). چيائون تہ اسان جي (گھڻن ڄڻن جي) وڏي ٽولي هوندي بہ جيڪڏهن ڪيس بگھڙ کاڌو تہ اسين اُنهيءَ مهل ضرور ٽوٽي وارا هوندا سون (١٤).

فَلَمَّا ذَهَبُوْا بِهٖ وَ اَجْمَعُوْۤا اَنْ يَّجْعَلُوْهُ فِیْ غَيٰبَتِ الْجُبِّ ۚ
وَ اَوْحَيْنَاۤ اِلَيْهِ لَتُنَبِّئَنَّهُمْ بِاَمْرِهِمْ هٰذَا وَ هُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿۱۵﴾
وَ جَآءُوْۤ اَبَاهُمْ عِشَآءً يَّبْكُوْنَ ﴿۱۶﴾ قَالُوْا يٰۤاَبَانَاۤ اِنَّا ذَهَبْنَا
نَسْتَبِقُ وَ تَرَكْنَا يُوْسُفَ عِنْدَ مَتَاعِنَا فَاَكَلَهُ الذِّئْبُ ۚ وَ مَاۤ
اَنْتَ بِمُؤْمِنٍ لَّنَا وَ لَوْ كُنَّا صٰدِقِيْنَ ﴿۱۷﴾ وَ جَآءُوْ عَلٰى قَمِيْصِهٖ
بِدَمٍ كَذِبٍ ؕ قَالَ بَلْ سَوَّلَتْ لَكُمْ اَنْفُسُكُمْ اَمْرًا ؕ فَصَبْرٌ
جَمِيْلٌ ؕ وَ اللّٰهُ الْمُسْتَعَانُ عَلٰى مَا تَصِفُوْنَ ﴿۱۸﴾ وَ جَآءَتْ سَيَّارَةٌ
فَاَرْسَلُوْا وَارِدَهُمْ فَاَدْلٰى دَلْوَهٗ ؕ قَالَ يٰبُشْرٰى هٰذَا غُلٰمٌ ؕ
وَ اَسَرُّوْهُ بِضَاعَةً ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِمَا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۹﴾ وَ شَرَوْهُ
بِثَمَنٍۭ بَخْسٍ دَرَاهِمَ مَعْدُوْدَةٍ ۚ وَ كَانُوْا فِيْهِ مِنَ الزّٰهِدِيْنَ ﴿۲۰﴾ ع
وَ قَالَ الَّذِى اشْتَرٰىهُ مِنْ مِّصْرَ لِامْرَاَتِهٖۤ اَكْرِمِىْ مَثْوٰىهُ
عَسٰۤى اَنْ يَّنْفَعَنَاۤ اَوْ نَتَّخِذَهٗ وَلَدًا ؕ وَ كَذٰلِكَ مَكَّنَّا لِيُوْسُفَ
فِى الْاَرْضِ ۫ وَ لِنُعَلِّمَهٗ مِنْ تَاْوِيْلِ الْاَحَادِيْثِ ؕ وَ اللّٰهُ غَالِبٌ
عَلٰۤى اَمْرِهٖ وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۲۱﴾ وَ لَمَّا بَلَغَ
اَشُدَّهٗۤ اٰتَيْنٰهُ حُكْمًا وَّ عِلْمًا ؕ وَ كَذٰلِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۲۲﴾

پوءِ جنهن مهل کيس نيائون (تنهن مهل) هن کي کوھ جي تري ۾ اُڇلڻ تي اتفاق ڪيائون ۽ اسان ان ڏانهن وحي ڪيوسون تہ سندن هن واقعي جي ڪين ضرور خبر ڏيندين ۽ اُهي (توکي) نہ ڄاڻندا (١٥) . ۽ پنهنجي پيءُ وٽ رات جو روئندا آيا (١٦) . چيائون تہ اي ابا! اسين ګوءِ ڀڄڻ وياسون ۽ يوسف کي پنهنجن سامانن تي ڇڏيوسون پوءِ اُن کي بگهڙ کاڌو، ۽ توٽي اسين سچا آهيون تہ بہ تون اسان کي پت ڪندڙ نہ ٿيندين (١٧) . ۽ سندس پهراڻ تي ڪوڙو رت لائي آندائون- (يعقوب) چيو تہ (ائين نہ آهي) بلڪ اوهان جي نفسن اوهان لاءِ (اُن) ڳاله کي ڳاهيو آهي تنهن ڪري (مون کي) چڱو صبر ڪرڻ گهرجي- ۽ جيڪي اوهين بيان ڪري رهيا آهيو تنهن تي الله کان ئي مدد گهري وڃي ٿي (١٨) . ۽ (اُن کوھ تي) قافلو آيو پوءِ پنهنجي پاڻي ڀريندڙ کي موڪليائون جنهن پنهنجو ٻوڪو وڌو- چيائين وھ واھ! هي نينگر آهي- ۽ کيس هڪ (چڱي) موڙي سمجهي لڪايائون- ۽ جيڪي ڪيائون تي سو الله ڄاڻندڙ هو (١٩) . ۽ کيس (ڀائرن) هلڪيءَ بها سان وڪيو جو ڪي چند درهم هئا ۽ سندس حق ۾ بيزاري (ظاهر) ڪندڙ هئا (٢٠) . ۽ مصر وارن مان جنهن کيس خريد ڪيو تنهن پنهنجي زال (زليخا) کي چيو تہ هن جي چڱي تعظيم ڪج متان اسان کي ڪو فائدو ڏئي يا کيس پٽيلو ڪري رکون- ۽ اهڙي طرح يوسف کي مصر ۾ جاءِ ڏني سون ۽ هن لاءِ تہ کيس خوابن جو تعبير سيکاريون- ۽ الله پنهنجي ڪم تي غالب آهي پر گهڻا ماڻهو نہ ڄاڻندا آهن (٢١) . ۽ جنهن مهل (يوسف) پنهنجي جوانيءَ کي پهتو (تنهن مهل) کيس حڪمت ۽ علم ڏنوسون- ۽ اهڙي طرح ڀلارن کي بدلو ڏيندا آهيون (٢٢) .

وَرَاوَدَتْهُ الَّتِیْ هُوَ فِیْ بَیْتِهَا عَنْ نَّفْسِهٖ وَغَلَّقَتِ الْاَبْوَابَ
وَقَالَتْ هَیْتَ لَكَ ؕ قَالَ مَعَاذَ اللّٰهِ اِنَّهٗ رَبِّیْۤ اَحْسَنَ مَثْوَایَ ؕ
اِنَّهٗ لَا یُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۲۳﴾ وَلَقَدْ هَمَّتْ بِهٖ ۚ وَهَمَّ بِهَا لَوْ لَاۤ اَنْ
رَّاٰ بُرْهَانَ رَبِّهٖ ؕ كَذٰلِكَ لِنَصْرِفَ عَنْهُ السُّوْٓءَ وَالْفَحْشَآءَ ؕ
اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُخْلَصِیْنَ ﴿۲۴﴾ وَاسْتَبَقَا الْبَابَ وَقَدَّتْ
قَمِیْصَهٗ مِنْ دُبُرٍ وَّاَلْفَیَا سَیِّدَهَا لَدَا الْبَابِ ؕ قَالَتْ مَا جَزَآءُ
مَنْ اَرَادَ بِاَهْلِكَ سُوْٓءًا اِلَّاۤ اَنْ یُّسْجَنَ اَوْ عَذَابٌ اَلِیْمٌ ﴿۲۵﴾
قَالَ هِیَ رَاوَدَتْنِیْ عَنْ نَّفْسِیْ وَشَهِدَ شَاهِدٌ مِّنْ اَهْلِهَا ۚ
اِنْ كَانَ قَمِیْصُهٗ قُدَّ مِنْ قُبُلٍ فَصَدَقَتْ وَهُوَ مِنَ الْكٰذِبِیْنَ ﴿۲۶﴾
وَاِنْ كَانَ قَمِیْصُهٗ قُدَّ مِنْ دُبُرٍ فَكَذَبَتْ وَهُوَ مِنَ
الصّٰدِقِیْنَ ﴿۲۷﴾ فَلَمَّا رَاٰ قَمِیْصَهٗ قُدَّ مِنْ دُبُرٍ قَالَ اِنَّهٗ مِنْ
كَیْدِكُنَّ ؕ اِنَّ كَیْدَكُنَّ عَظِیْمٌ ﴿۲۸﴾ یُوْسُفُ اَعْرِضْ عَنْ هٰذَا ٚ
وَاسْتَغْفِرِیْ لِذَنْۢبِكِ ۖۚ اِنَّكِ كُنْتِ مِنَ الْخٰطِـِٕیْنَ ﴿۲۹﴾ وَقَالَ
نِسْوَةٌ فِی الْمَدِیْنَةِ امْرَاَتُ الْعَزِیْزِ تُرَاوِدُ فَتٰىهَا عَنْ
نَّفْسِهٖ ۚ قَدْ شَغَفَهَا حُبًّا ؕ اِنَّا لَنَرٰىهَا فِیْ ضَلٰلٍ مُّبِیْنٍ ﴿۳۰﴾

۽ جنهن مائيءَ جي گهر ۾ اُهو هو تنهن سندس نفس کي راٽيو تي ۽ دروازا بند ڪيائين ۽ چيائين ته اوري اَءُ! (يوسف) چيو ته الله جي پناهه (گهريم)! اُنهيءَ منهنجي نپائيندڙ (يعني عزيز) مون کي چڱي هنڌ رکيو آهي- هيءَ (ڳالهه) سچي آهي ته ظالم نه ڇٽندا (۲۳). ۽ بيشڪ (اُها) اُن ڏانهن لڙي ۽ (يوسف به) اُن ڏانهن لڙيو، جيڪڏهن پنهنجي پالڻهار جو دليل نه ڏسي ها (ته جيڪي ٿيڻو هو سو ٿئي ها!) اهڙي طرح (اِنهي ڪري ٿيو) ته جيئن بڇڙائي ۽ بي حيائي کانئس ٽاريون- سچ آهي ته اهو اسان جي خالص ٻانهن مان هو (۲۴). ۽ ٻئي دروازي ڏانهن ڊوڙيا ۽ مائيءَ ان (يوسف) جو پهراڻ پٺيءَ کان (ڇڪ ڏيندي) ڦاڙي وڌو ۽ سندس مڙس کي دروازي وٽ مليا- (زليخا) چوڻ لڳي ته جيڪو تنهنجي گهر واريءَ سان مدائي ڪرڻ جو ارادو ڪري تنهن جي سزا قيد ڪرڻ يا ڏکوئيندڙ عذاب ڏيڻ کان سواءِ (ٻي ڪا) نه آهي (۲۵). (يوسف) چيو ته اها پاڻ مون کي منهنجي نفس کان راٽي رهي هئي. ۽ سندس گهر جي ڀاتين مان هڪ شاهد شاهدي ڏني، ته جيڪڏهن هن جو پهراڻ اڳ کان ڦاڙيو ويو آهي ته (زليخا) سچي ۽ اُهو ڪوڙن مان آهي (۲٦). ۽ جيڪڏهن سندس پهراڻ پٺيءَ کان ڦاڙيو ويو آهي ته (زليخا) ڪوڙي ۽ اُهو سچن مان آهي (۲۷). جنهن مهل (عزيز) پهراڻ پٺيءَ کان ڦاٽل ڏٺو (تنهن مهل) چيائين ته اِهو (چوڻ) اوهان (رنن) جي مڪر مان آهي- ڇو ته اوهان جو مڪر وڏو آهي (۲۸). (اي يوسف!) اِن (ڳالهه) کان منهن موڙ ۽ (اي زليخا!) تون (به) پنهنجي گناهه جي بخشش گهر، ڇو ته تون ئي خطا وارن مان آهين (۲۹). ۽ شهر ۾ ڪيترين عورتن پڇاريو ته عزيز جي زال پنهنجي جوان ٻانهي کي سندس نفس کان (بڇڙي ڪم لاءِ) راٽيندي آهي. بيشڪ (يوسف جو) پيار سندس دل ۾ پيهي ويو آهي- اسين کيس ضرور پڌريءَ گمراهيءَ ۾ ڏسنديون آهيون (۳۰).

فَلَمَّا سَمِعَتْ بِمَكْرِهِنَّ اَرْسَلَتْ اِلَيْهِنَّ وَاَعْتَدَتْ لَهُنَّ مُتَّكَاً
وَّاٰتَتْ كُلَّ وَاحِدَةٍ مِّنْهُنَّ سِكِّيْنًا وَّقَالَتِ اخْرُجْ عَلَيْهِنَّ ۚ فَلَمَّا
رَاَيْنَهٗۤ اَكْبَرْنَهٗ وَقَطَّعْنَ اَيْدِيَهُنَّ ۫ وَقُلْنَ حَاشَ لِلّٰهِ مَا هٰذَا بَشَرًا ؕ
اِنْ هٰذَاۤ اِلَّا مَلَكٌ كَرِيْمٌ ﴿٣١﴾ قَالَتْ فَذٰلِكُنَّ الَّذِيْ لُمْتُنَّنِيْ فِيْهِ ؕ وَ
لَقَدْ رَاوَدْتُّهٗ عَنْ نَّفْسِهٖ فَاسْتَعْصَمَ ؕ وَلَئِنْ لَّمْ يَفْعَلْ مَاۤ اٰمُرُهٗ
لَيُسْجَنَنَّ وَلَيَكُوْنًا مِّنَ الصّٰغِرِيْنَ ﴿٣٢﴾ قَالَ رَبِّ السِّجْنُ اَحَبُّ
اِلَيَّ مِمَّا يَدْعُوْنَنِيْۤ اِلَيْهِ ۚ وَاِلَّا تَصْرِفْ عَنِّيْ كَيْدَهُنَّ اَصْبُ
اِلَيْهِنَّ وَاَكُنْ مِّنَ الْجٰهِلِيْنَ ﴿٣٣﴾ فَاسْتَجَابَ لَهٗ رَبُّهٗ فَصَرَفَ عَنْهُ
كَيْدَهُنَّ ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٣٤﴾ ثُمَّ بَدَا لَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا رَاَوُا
الْاٰيٰتِ لَيَسْجُنُنَّهٗ حَتّٰى حِيْنٍ ﴿٣٥﴾ ع وَدَخَلَ مَعَهُ السِّجْنَ فَتَيٰنِ ؕ قَالَ
اَحَدُهُمَاۤ اِنِّيْۤ اَرٰىنِيْۤ اَعْصِرُ خَمْرًا ۚ وَقَالَ الْاٰخَرُ اِنِّيْۤ اَرٰىنِيْۤ اَحْمِلُ فَوْقَ
رَاْسِيْ خُبْزًا تَاْكُلُ الطَّيْرُ مِنْهُ ؕ نَبِّئْنَا بِتَاْوِيْلِهٖ ۚ اِنَّا نَرٰىكَ مِنَ
الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٣٦﴾ قَالَ لَا يَاْتِيْكُمَا طَعَامٌ تُرْزَقٰنِهٖۤ اِلَّا نَبَّاْتُكُمَا
بِتَاْوِيْلِهٖ قَبْلَ اَنْ يَّاْتِيَكُمَا ؕ ذٰلِكُمَا مِمَّا عَلَّمَنِيْ رَبِّيْ ؕ اِنِّيْ تَرَكْتُ
مِلَّةَ قَوْمٍ لَّا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿٣٧﴾

پوءِ جنهن مهل (زليخا) سندن گلا ڪرڻ ٻڌي (تنهن مهل) اُنهن ڏانهن (ماڻهو) موڪليائين ۽ اُنهن لاءِ مجلس تيار ڪيائين ۽ منجهائن هر هڪ کي ڪپ ڏنائين ۽ چيائين ته (اي يوسف!) مٿن نڪر، جنهن دم ڪيس ڏٺائون ته ڪيس وڏيڪ (سهڻو) ڄاتائون ۽ (سندس حسن ۾ محو ٿي) پنهنجا هٿ وڍيائون ۽ چيائون ته الله پاڪ آهي هيءَ (نينگر) ماڻهو نه آهي- پر (هڪ) ملائڪ سڳورو آهي (٣١). (زليخا) چيو ته اِهو اُهو آهي جنهن (جي محبت) ۾ اوهين مون کي ٽوڪيندڙيون هيون- ۽ بيشڪ سندس نفس کان کيس رانيم ٿي پوءِ پاڻ بچايائين- ۽ کيس جيڪو حڪم ڪريان ٿي سو جيڪڏهن نه ڪندو ته ضرور قيد ڪيو ويندو ۽ ضرور بي مانن مان ٿيندو (٣٢). (يوسف) چيو اي منهنجا پالڻهار! جنهن (ڪم) ڏانهن مون کي سڏين ٿيون تنهن کان قيد مون کي وڌيڪ پسند آهي ۽ جيڪڏهن سندن مڪر مون کان نه ٽاريندين ته اُنهن ڏانهن لڙندس ۽ جاهلن مان ٿيندس (٣٣). پوءِ سندس پالڻهار اُن جي دعا قبول ڪئي ۽ کانئس اُنهن جو مڪر ٽاريائين بيشڪ اهو ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٣٤). وري ٻه نشانين جي ڏسڻ کان پوءِ کين هي (ڳالهه) نظر آئي ته ڪجهه وقت تائين کيس ضرور قيد ۾ وجهن (٣٥). ۽ ساڻس ٻه جوان قيد ۾ گهڙيا- اُنهن مان هڪ چيو ته مون پاڻ کي (ننڊ ۾) ڏٺو ته شراب نپوڙيان ٿو، ۽ ٻئي چيو ته مون پاڻ کي مٿي تي ماني کڻندو ۽ منجهانئس پکين کي کائيندو ڏٺو- اسان کي اُن جي تعبير جي خبر ڏي، بيشڪ اسين توکي ڀلارن مان ڏسون ٿا (٣٦). (يوسف) چيو ته جيڪو طعام اوهين کارايا ويندا آهيو سو اوهان وٽ ايندو ئي نه پر اوهان وٽ ان جي اچڻ کان اڳي ئي سندس تعبير اوهان کي ڏسيندس- اِهو (تعبير ڪرڻ) اُنهن (ڳالهين) مان آهي جيڪي منهنجي پالڻهار مون کي سيکاريون آهن، بيشڪ مون اُن قوم جي ريت ڇڏي ڪئي آهي جيڪي الله کي نه مڃيندا آهن ۽ اُهي آخرت جا (به) منڪر آهن (٣٧).

وَاتَّبَعۡتُ مِلَّةَ اٰبَآءِیۡۤ اِبۡرٰهِیۡمَ وَاِسۡحٰقَ وَیَعۡقُوۡبَ ؕ مَا کَانَ
لَنَاۤ اَنۡ نُّشۡرِکَ بِاللّٰهِ مِنۡ شَیۡءٍ ؕ ذٰلِکَ مِنۡ فَضۡلِ اللّٰهِ عَلَیۡنَا
وَعَلَی النَّاسِ وَلٰکِنَّ اَکۡثَرَ النَّاسِ لَا یَشۡکُرُوۡنَ ﴿۳۸﴾ یٰصَاحِبَیِ
السِّجۡنِ ءَاَرۡبَابٌ مُّتَفَرِّقُوۡنَ خَیۡرٌ اَمِ اللّٰهُ الۡوَاحِدُ الۡقَهَّارُ ﴿ؕ۳۹﴾
مَا تَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اِلَّاۤ اَسۡمَآءً سَمَّیۡتُمُوۡهَاۤ اَنۡتُمۡ وَ
اٰبَآؤُکُمۡ مَّاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ بِهَا مِنۡ سُلۡطٰنٍ ؕ اِنِ الۡحُکۡمُ اِلَّا لِلّٰهِ ؕ
اَمَرَ اَلَّا تَعۡبُدُوۡۤا اِلَّاۤ اِیَّاهُ ؕ ذٰلِکَ الدِّیۡنُ الۡقَیِّمُ وَلٰکِنَّ اَکۡثَرَ
النَّاسِ لَا یَعۡلَمُوۡنَ ﴿۴۰﴾ یٰصَاحِبَیِ السِّجۡنِ اَمَّاۤ اَحَدُکُمَا
فَیَسۡقِیۡ رَبَّهٗ خَمۡرًا ۚ وَاَمَّا الۡاٰخَرُ فَیُصۡلَبُ فَتَاۡکُلُ الطَّیۡرُ
مِنۡ رَّاۡسِهٖ ؕ قُضِیَ الۡاَمۡرُ الَّذِیۡ فِیۡهِ تَسۡتَفۡتِیٰنِ ﴿ؕ۴۱﴾ وَقَالَ
لِلَّذِیۡ ظَنَّ اَنَّهٗ نَاجٍ مِّنۡهُمَا اذۡکُرۡنِیۡ عِنۡدَ رَبِّکَ ۫ فَاَنۡسٰهُ
الشَّیۡطٰنُ ذِکۡرَ رَبِّهٖ فَلَبِثَ فِی السِّجۡنِ بِضۡعَ سِنِیۡنَ ﴿؏۴۲﴾
وَقَالَ الۡمَلِکُ اِنِّیۡۤ اَرٰی سَبۡعَ بَقَرٰتٍ سِمَانٍ یَّاۡکُلُهُنَّ
سَبۡعٌ عِجَافٌ وَّسَبۡعَ سُنۡۢبُلٰتٍ خُضۡرٍ وَّاُخَرَ یٰبِسٰتٍ ؕ یٰۤاَیُّهَا
الۡمَلَاُ اَفۡتُوۡنِیۡ فِیۡ رُءۡیَایَ اِنۡ کُنۡتُمۡ لِلرُّءۡیَا تَعۡبُرُوۡنَ ﴿۴۳﴾

۽ پنهنجي ابن ڏاڏن ابراهيم ۽ اسحاق ۽ يعقوب جي دين جي پيروي ڪئي
اٿم، ڪنهن شيءِ کي الله سان شريڪ ڪرڻ اسان کي نہ جڳائيندو آهي-
اِهو اسان تي ۽ ٻين ماڻهن تي الله جو فضل آهي پر گهڻا ماڻهو شڪرانو نہ
ڪندا آهن (۳۸). اي منهنجا (ٻئي) سنگتي قيدي! (هي ڳالهہ سمجهندا
آهيو تہ) جدا جدا گهڻا رب چڱا آهن يا اڪيلو زبردست الله (چڱو
آهي)؟ (۳۹). الله کان سواءِ جن جي اوهين پوڄا ڪندا آهيو سي رڳو نالا
آهن جو اوهان ۽ اوهان جي ابن ڏاڏن نالا رکيا آهن، اُنهن جي بابت الله
ڪا سند نازل نہ ڪئي آهي- الله کان سواءِ (ٻئي) ڪنهن جي حڪومت نہ
آهي- حڪم ڪيائين تہ خاص اُن (الله) کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نہ
ڪريو- اِهو ئي دين سڌو آهي پر گهڻا ماڻهو نہ ڄاڻندا آهن (۴۰). اي
منهنجا قيدي ساٿيو! اوهان مان هڪڙو پنهنجي بادشاهہ کي شراب پياريندو،
۽ ٻيو سوريءَ چاڙهيو ويندو پوءِ سندس مٿي مان پکي کائيندا. جنهن بابت
پڇيا ڪريو ٿا سو ڪم پورو ٿي ويو (۴۱). ۽ اُنهن ٻنهين مان جنهن لاءِ
گمان هوس تہ (نيٺ) ڇٽندو تنهن کي چيائين تہ پنهنجي بادشاهہ وٽ
مون کي ياد ڪج، پوءِ شيطان سندس بادشاهہ وٽ ڪانئس يادگيري
وسارائي جنهن تنهن ڪري (يوسف) ڪيترائي ورهيہ قيد ۾ رهيو (۴۲). ۽
بادشاهہ چيو تہ مون (ننڊ ۾) ست سٿريون ڳئون ڏٺيون آهن جن کي ستن
ڏٻرين کاڌو ٿي ۽ (پڻ) ست ساوا سنگ ۽ ٻيا (ست) سُڪا (ڏٺا اٿم)-
اي سردارؤ! جيڪڏهن اوهين خواب جو تعبير ڪندا آهيو تہ منهنجي
خواب جو مون کي تعبير ٻڌايو (۴۳).

قَالُوْٓا اَضْغَاثُ اَحْلَامٍ ۚ وَمَا نَحْنُ بِتَاْوِيْلِ الْاَحْلَامِ بِعٰلِمِيْنَ ﴿۴۴﴾
وَقَالَ الَّذِيْ نَجَا مِنْهُمَا وَادَّكَرَ بَعْدَ اُمَّةٍ اَنَا اُنَبِّئُكُمْ بِتَاْوِيْلِهٖ
فَاَرْسِلُوْنِ ﴿۴۵﴾ يُوْسُفُ اَيُّهَا الصِّدِّيْقُ اَفْتِنَا فِيْ سَبْعِ بَقَرٰتٍ
سِمَانٍ يَّاْكُلُهُنَّ سَبْعٌ عِجَافٌ وَّسَبْعِ سُنْۢبُلٰتٍ خُضْرٍ وَّاُخَرَ
يٰبِسٰتٍ ۙ لَّعَلِّيْٓ اَرْجِعُ اِلَى النَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿۴۶﴾ قَالَ تَزْرَعُوْنَ
سَبْعَ سِنِيْنَ دَاَبًا ۚ فَمَا حَصَدْتُّمْ فَذَرُوْهُ فِيْ سُنْۢبُلِهٖٓ اِلَّا قَلِيْلًا
مِّمَّا تَاْكُلُوْنَ ﴿۴۷﴾ ثُمَّ يَاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ سَبْعٌ شِدَادٌ يَّاْكُلْنَ مَا
قَدَّمْتُمْ لَهُنَّ اِلَّا قَلِيْلًا مِّمَّا تُحْصِنُوْنَ ﴿۴۸﴾ ثُمَّ يَاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ
عَامٌ فِيْهِ يُغَاثُ النَّاسُ وَفِيْهِ يَعْصِرُوْنَ ﴿۴۹﴾ وَقَالَ الْمَلِكُ ائْتُوْنِيْ
بِهٖ ۚ فَلَمَّا جَآءَهُ الرَّسُوْلُ قَالَ ارْجِعْ اِلٰى رَبِّكَ فَسْـَٔلْهُ مَا بَالُ
النِّسْوَةِ الّٰتِيْ قَطَّعْنَ اَيْدِيَهُنَّ ۭ اِنَّ رَبِّيْ بِكَيْدِهِنَّ عَلِيْمٌ ﴿۵۰﴾
قَالَ مَا خَطْبُكُنَّ اِذْ رَاوَدْتُّنَّ يُوْسُفَ عَنْ نَّفْسِهٖ ۭ قُلْنَ حَاشَ
لِلّٰهِ مَا عَلِمْنَا عَلَيْهِ مِنْ سُوْۗءٍ ۭ قَالَتِ امْرَاَتُ الْعَزِيْزِ الْـٰٔنَ حَصْحَصَ
الْحَقُّ ۡ اَنَا رَاوَدْتُّهٗ عَنْ نَّفْسِهٖ وَاِنَّهٗ لَمِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿۵۱﴾ ذٰلِكَ لِيَعْلَمَ
اَنِّيْ لَمْ اَخُنْهُ بِالْغَيْبِ وَاَنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِيْ كَيْدَ الْخَاۗىِٕنِيْنَ ﴿۵۲﴾

چيائون (اِهي) پريشان (گنجريل) خواب آهن، ۽ اسين ڪوڙن خوابن جو تعبير نہ ڄاڻندا آهيون (۴۴). ۽ جيڪو ٻنهين مان ڇٽو هو ۽ گهڻي مدت کان پوءِ ياد آيس تنهن چيو تہ اُن جي تعبير جي آءٌ توهان کي سُڌ ڏيندس پوءِ مون کي موڪليو (۴۵). (پوءِ قيد خاني ڏانهن ويو چيائين تہ) اي سچار يوسف! ستن سٿرين ڳئن بابت جن کي ستن ڏٻرين کاڌو ۽ ستن ساون سنگن ۽ ٻين (ستن) سڪن بابت (تعبير) ٻڌاءِ تہ جيڪر آءٌ ماڻهن ڏانهن موٽان تہ مانَ اُهي ڄاڻن (۴٦). (يوسف) چيو تہ ست ورهيہ سانده پوک ڪندا رهو، پوءِ جيڪي فصل لڻو (تنهن مان جيڪي کائو تنهن کان سواءِ ٻيو) سڀ سندن سنگن ۾ رکي ڇڏيو، اُنهن ٿورن کان سواءِ جيڪي اوهين کائو (۴۷). وري اُن کان پوءِ ست سال سخت (ڏڪار) جا ايندا اُنهن لاءِ جيڪي (اَن) اڳي رکي ڇڏيو هوندوَ سو جيڪي بچائي رکندؤ تنهن مان ٿورڙي کان سواءِ (ٻيو سڀ) کائيندا (۴۸). وري اُن کان پوءِ اهڙو سال ايندو جنهن ۾ ماڻهن تي مينهن وسايا ويندا ۽ منجهس (ڊاک وغيره) نپوڙيندا (۴۹). ۽ بادشاهہ چيو تہ يوسف کي مون وٽ آڻيو، جنهن مهل وٽس قاصد آيو (تنهن مهل يوسف) چيو تہ پنهنجي بادشاهہ ڏانهن موٽ! پوءِ کانئس پڇ تہ اُنهن زائفن جو ڪهڙو حال هو جن پنهنجا هٿ وڍيا؟ بيشڪ منهنجو پالڻهار سندن مڪر کي ڄاڻندڙ آهي (۵۰). (بادشاهہ عورتن کان) پڇيو تہ اوهان جو ڇا حال هو جڏهن يوسف کي سندس نفس کان ڦاٽيوَ ٿي؟ چيائون تہ الله پاڪ آهي، ڪا بڇڙائي مٿس نہ ڄاتي سون۔ عزيز جي زال چيو تہ هاڻي حق پڌرو ٿيو، مون کيس سندس نفس کان ڦاٽڻ گهريو هو ۽ اُهو بيشڪ سچن مان آهي (۵۱). (يوسف چيو تہ) اِهو هن لاءِ هو تہ (عزيز) ڄاڻي تہ مون پريٺ سندس خيانت نہ ڪئي هئي ۽ الله خيانت ڪندڙن جو فريب پورو ٿيڻ نہ ڏيندو آهي (۵۲).

وَمَآ اُبَرِّئُ نَفۡسِیۡ ۚ اِنَّ النَّفۡسَ لَاَمَّارَةٌۢ بِالسُّوۡٓءِ اِلَّا
مَا رَحِمَ رَبِّیۡ ؕ اِنَّ رَبِّیۡ غَفُوۡرٌ رَّحِیۡمٌ ﴿۵۳﴾ وَقَالَ الۡمَلِكُ ائۡتُوۡنِیۡ
بِهٖۤ اَسۡتَخۡلِصۡهُ لِنَفۡسِیۡ ۚ فَلَمَّا كَلَّمَهٗ قَالَ اِنَّكَ الۡیَوۡمَ لَدَیۡنَا
مَكِیۡنٌ اَمِیۡنٌ ﴿۵۴﴾ قَالَ اجۡعَلۡنِیۡ عَلٰی خَزَآئِنِ الۡاَرۡضِ ۚ اِنِّیۡ حَفِیۡظٌ
عَلِیۡمٌ ﴿۵۵﴾ وَكَذٰلِكَ مَكَّنَّا لِیُوۡسُفَ فِی الۡاَرۡضِ ۚ یَتَبَوَّاُ مِنۡهَا حَیۡثُ
یَشَآءُ ؕ نُصِیۡبُ بِرَحۡمَتِنَا مَنۡ نَّشَآءُ وَلَا نُضِیۡعُ اَجۡرَ الۡمُحۡسِنِیۡنَ ﴿۵۶﴾
وَلَاَجۡرُ الۡاٰخِرَةِ خَیۡرٌ لِّلَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا وَكَانُوۡا یَتَّقُوۡنَ ﴿۵۷﴾ ع وَجَآءَ
اِخۡوَةُ یُوۡسُفَ فَدَخَلُوۡا عَلَیۡهِ فَعَرَفَهُمۡ وَهُمۡ لَهٗ مُنۡكِرُوۡنَ ﴿۵۸﴾ وَ
لَمَّا جَهَّزَهُمۡ بِجَهَازِهِمۡ قَالَ ائۡتُوۡنِیۡ بِاَخٍ لَّكُمۡ مِّنۡ اَبِیۡكُمۡ ۚ اَلَا
تَرَوۡنَ اَنِّیۡۤ اُوۡفِی الۡكَیۡلَ وَاَنَا خَیۡرُ الۡمُنۡزِلِیۡنَ ﴿۵۹﴾ فَاِنۡ لَّمۡ تَاۡتُوۡنِیۡ
بِهٖ فَلَا كَیۡلَ لَكُمۡ عِنۡدِیۡ وَلَا تَقۡرَبُوۡنِ ﴿۶۰﴾ قَالُوۡا سَنُرَاوِدُ عَنۡهُ
اَبَاهُ وَاِنَّا لَفٰعِلُوۡنَ ﴿۶۱﴾ وَقَالَ لِفِتۡیٰنِهِ اجۡعَلُوۡا بِضَاعَتَهُمۡ فِیۡ
رِحَالِهِمۡ لَعَلَّهُمۡ یَعۡرِفُوۡنَهَاۤ اِذَا انۡقَلَبُوۡۤا اِلٰۤی اَهۡلِهِمۡ لَعَلَّهُمۡ
یَرۡجِعُوۡنَ ﴿۶۲﴾ فَلَمَّا رَجَعُوۡۤا اِلٰۤی اَبِیۡهِمۡ قَالُوۡا یٰۤاَبَانَا مُنِعَ مِنَّا
الۡكَیۡلُ فَاَرۡسِلۡ مَعَنَاۤ اَخَانَا نَكۡتَلۡ وَاِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوۡنَ ﴿۶۳﴾

۽ (اهُو) پنهنجي نفس کي پاڪ نہ ٿو ڀانيان، ڇو تہ (جنهن تي) منهنجو پالڻهار ٻاجھ ڪري تنهن کان سواءِ نفس (هميشہ) بڇڙائي ڏانهن گهڻو ڇڪيندڙ آهي- بي شڪ منهنجو پالڻهار بخشڻهار مهربان آهي (٥٣). ۽ بادشاه چيو تہ کيس مون وٽ آڻيو تہ (اهُو) کيس پاڻ لاءِ مقرر ڪريان. پوءِ جنهن مهل ساڻس ڳالهايائين (تنهن مهل سندس سياڻپ سمجهي) چيائين تہ تون اَڄ اسان وٽ معتبر امانت وارو آهين (٥٤). (يوسف) چيو تہ مون کي هن ملڪ (مصر) جي خزانن تي مقرر ڪر، ڇو تہ آءٌ نگهبان (۽ سيني ڪمن جو) وڏيڪ ڄاڻندڙ آهيان (٥٥). ۽ اهڙي طرح يوسف کي (اُنهيءَ) ملڪ ۾ مرتبي وارو ڪيوسون، جتي وڻندو هوس تتي ٽڪندو هو- جنهن لاءِ وڻندو اُٿئون تنهن تي پنهنجي ٻاجھ پهچائيندا آهيون ۽ نيڪن جو اَجر نہ وڃائيندا آهيون (٥٦). ۽ جن ايمان آندو ۽ پرهيزگاري ڪندا رهيا تن لاءِ آخرت جو اَجر ڀلو آهي (٥٧). ۽ يوسف جا ڀائر آيا پوءِ وٽس (لنگهي) ويا تہ کين سڃاتائين ۽ اُهي کيس نہ سڃاڻندڙ هئا (٥٨). ۽ جنهن مهل اُنهن لاءِ سندن سامان تيار ڪيائين (تنهن مهل کين) چيائين تہ پنهنجي پيئيتي ڀاءُ کي مون وٽ آڻيو، اوهين نہ ٿا ڏسو ڇا تہ آءٌ پورو ماڻ ڏيان ٿو ۽ آءٌ چڱو مهماني ڪندڙ آهيان؟ (٥٩). پوءِ جيڪڏهن کيس مون وٽ نہ آڻيندؤ تہ اوهان لاءِ مون وٽ ڪا مئپ ڪانهي ۽ نڪي مون کي ويجها ٿجو(٦٠). چيائون تہ اُن بابت (ڪنهن بهاني سان) سندس پيءُ کي جلد راڻيينداسون ۽ ضرور اسين (ائيـن) ڪرڻ وارا ٿيـنداسون (٦١). ۽ (يوسف) پنهنجن جوانن کي چيو تہ سندن موڙي سندن مڏين ۾ وجهي ڇڏيو پوءِ جڏهن پنهنجن گهر وارن ڏانهن موٽي وڃن (تڏهن) ماڻَ اُنهيءَ کي سڃاڻن تہ شايد اُهي وري اچن (٦٢). پوءِ جنهن مهل پنهنجي پيءُ وٽ (ڪنعان ۾) موٽي آيا (تنهن مهل) چيائون تہ اي اَبا! (اَن) ماپي ڏيڻ اسان کان روڪيو ويو آهي تنهن ڪري اسان سان اسان جي ڀاءُ (بنيامين) کي موڪل (ڏي تہ) مئپ وٺون ۽ اَسين سندس نگهبان آهيون (٦٣).

قَالَ هَلْ اٰمَنُكُمْ عَلَيْهِ اِلَّا كَمَآ اَمِنْتُكُمْ عَلٰٓى اَخِيْهِ مِنْ قَبْلُ ؕ
فَاللّٰهُ خَيْرٌ حٰفِظًا ۪ وَّهُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿٦٤﴾ وَلَمَّا فَتَحُوْا
مَتَاعَهُمْ وَجَدُوْا بِضَاعَتَهُمْ رُدَّتْ اِلَيْهِمْ ؕ قَالُوْا يٰٓاَبَانَا مَا
نَبْغِيْ ؕ هٰذِهٖ بِضَاعَتُنَا رُدَّتْ اِلَيْنَا ۚ وَنَمِيْرُ اَهْلَنَا وَنَحْفَظُ اَخَانَا
وَنَزْدَادُ كَيْلَ بَعِيْرٍ ؕ ذٰلِكَ كَيْلٌ يَّسِيْرٌ ﴿٦٥﴾ قَالَ لَنْ اُرْسِلَهٗ
مَعَكُمْ حَتّٰى تُؤْتُوْنِ مَوْثِقًا مِّنَ اللّٰهِ لَتَاْتُنَّنِيْ بِهٖٓ اِلَّآ اَنْ
يُّحَاطَ بِكُمْ ۚ فَلَمَّآ اٰتَوْهُ مَوْثِقَهُمْ قَالَ اللّٰهُ عَلٰى مَا نَقُوْلُ وَكِيْلٌ ﴿٦٦﴾
وَقَالَ يٰبَنِيَّ لَا تَدْخُلُوْا مِنْۢ بَابٍ وَّاحِدٍ وَّادْخُلُوْا مِنْ
اَبْوَابٍ مُّتَفَرِّقَةٍ ؕ وَمَآ اُغْنِيْ عَنْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ ؕ
اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ؕ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ ۚ وَعَلَيْهِ فَلْيَتَوَكَّلِ
الْمُتَوَكِّلُوْنَ ﴿٦٧﴾ وَلَمَّا دَخَلُوْا مِنْ حَيْثُ اَمَرَهُمْ اَبُوْهُمْ ؕ مَا
كَانَ يُغْنِيْ عَنْهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ اِلَّا حَاجَةً فِيْ نَفْسِ
يَعْقُوْبَ قَضٰىهَا ؕ وَاِنَّهٗ لَذُوْ عِلْمٍ لِّمَا عَلَّمْنٰهُ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ
النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٦٨﴾ ع وَلَمَّا دَخَلُوْا عَلٰى يُوْسُفَ اٰوٰٓى اِلَيْهِ
اَخَاهُ قَالَ اِنِّيْٓ اَنَا اَخُوْكَ فَلَا تَبْتَئِسْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٦٩﴾

(يعقوب ڪين) چيو تہ هن جي نسبت اوهان تي اهڙوئي اعتبار ٿو ڪريان جهڙو اڳ سندس ڀاءُ جي بہ نسبت اوهان تي اعتبار ڪيو هوم. پوءِ الله چڱو نگهبان آهي ۽ اُهو ٻاجهارن کان وڌ ٻاجهارو آهي (٦۴). ۽ جنهن مهل پنهنجو سامان کوليائون (تنهن مهل) پنهنجي موڙي پاڻ وٽ موٽايل ڏٺائون. چيائون تہ اي اسان جا اَبا! (ٻيو) اسان کي ڇا گهرجي؟ (جو) هيءَ موڙي اسان جي اَسان ڏانهن وري موٽايل آهي (تہ موٽي وڃون)، ۽ پنهنجن گهر وارن لاءِ اَن آڻيون ۽ پنهنجي ڀاءُ جي نگهباني ڪنداسون ۽ هڪ اُٺ جو بار وڌيڪ بہ وٺنداسون. اِهو (جيڪي اَن آندو اٿئون سو) ماڻ ٿورو آهي (٦٥). (يعقوب ڪين) چيو تہ (آءٌ) اوهان سان اُن کي (ايسين) ڪڏهن نہ موڪليندس جيسين مون وٽ الله جي ساک (نہ) ڪٽندؤ تہ اوهين ڪنهن گهيري ۾ پوڻ کان سواءِ اُن کي مون وٽ ضرور آڻيندؤ، پوءِ جنهن مهل کيس پنهنجو پڪو انجام ڏنائون (تنهن مهل يعقوب) چيو تہ جيڪي اسين چئون ٿا تنهن تي الله ذميوار آهي (٦٦). ۽ (چيائين) تہ اي پٽؤ! اوهين هڪ دروازي کان نہ گهڙجو ۽ الڳ الڳ دروازن مان گهڙجو. ۽ آءٌ اوهان کان الله جي تقدير مان ڪا بہ شيءِ ٽاري نہ ٿو سگهان. الله کان سواءِ (ٻئي) ڪنهن جو حڪم نہ آهي. مٿس ڀروسو ڪيم، ۽ سڀ ڪنهن ڀروسي ڪندڙ کي مٿس ڀروسو ڪرڻ گهرجي (٦٧). ۽ جهڙي طرح سندن پيءُ کين حڪم فرمايو هو تهڙي طرح جنهن مهل (مصر جي دروازن کان) گهڙيا. (تنهن مهل جي ڪا سختي پهچين ها تہ سندن پيءُ) الله جي تقدير مان ڪائِن ڪجھ بہ ٽاري نہ ٿي سگهيو (اِهو حڪم ڪرڻ) يعقوب جي دل ۾ رڳو هڪ خيال هو جو اُن کي پورو ڪيائين. ۽ جيڪي کيس سيکاريو هوسون تنهن سببان (اُهو) علم وارو هو پر گهڻا ماڻهو نہ ڄاڻندا آهن (٦٨). ۽ جنهن مهل يوسف وٽ ويا تنهن مهل اُن پنهنجي (سڳي) ڀاءُ کي پاڻ وٽ جاءِ ڏني چيائين تہ سچ پچ آءٌ تنهنجو ڀاءُ آهيان تنهن ڪري جيڪي ڪيو اٿن تنهن تي ڏک نہ ڪر (٦٩).

فَلَمَّا جَهَّزَهُمْ بِجَهَازِهِمْ جَعَلَ السِّقَايَةَ فِيْ رَحْلِ
اَخِيْهِ ثُمَّ اَذَّنَ مُؤَذِّنٌ اَيَّتُهَا الْعِيْرُ اِنَّكُمْ لَسٰرِقُوْنَ ﴿٧٠﴾ قَالُوْا
وَاَقْبَلُوْا عَلَيْهِمْ مَّاذَا تَفْقِدُوْنَ ﴿٧١﴾ قَالُوْا نَفْقِدُ صُوَاعَ
الْمَلِكِ وَلِمَنْ جَآءَ بِهٖ حِمْلُ بَعِيْرٍ وَّاَنَا بِهٖ زَعِيْمٌ ﴿٧٢﴾
قَالُوْا تَاللّٰهِ لَقَدْ عَلِمْتُمْ مَّا جِئْنَا لِنُفْسِدَ فِي الْاَرْضِ وَمَا
كُنَّا سٰرِقِيْنَ ﴿٧٣﴾ قَالُوْا فَمَا جَزَآؤُهٗٓ اِنْ كُنْتُمْ كٰذِبِيْنَ ﴿٧٤﴾ قَالُوْا
جَزَآؤُهٗ مَنْ وُّجِدَ فِيْ رَحْلِهٖ فَهُوَ جَزَآؤُهٗ ؕ كَذٰلِكَ نَجْزِي
الظّٰلِمِيْنَ ﴿٧٥﴾ فَبَدَاَ بِاَوْعِيَتِهِمْ قَبْلَ وِعَآءِ اَخِيْهِ ثُمَّ
اسْتَخْرَجَهَا مِنْ وِّعَآءِ اَخِيْهِ ؕ كَذٰلِكَ كِدْنَا لِيُوْسُفَ ؕ مَا
كَانَ لِيَاْخُذَ اَخَاهُ فِيْ دِيْنِ الْمَلِكِ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ ؕ نَرْفَعُ
دَرَجٰتٍ مَّنْ نَّشَآءُ ؕ وَفَوْقَ كُلِّ ذِيْ عِلْمٍ عَلِيْمٌ ﴿٧٦﴾ قَالُوْٓا اِنْ
يَّسْرِقْ فَقَدْ سَرَقَ اَخٌ لَّهٗ مِنْ قَبْلُ ۚ فَاَسَرَّهَا يُوْسُفُ فِيْ
نَفْسِهٖ وَلَمْ يُبْدِهَا لَهُمْ ۚ قَالَ اَنْتُمْ شَرٌّ مَّكَانًا ۚ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ
بِمَا تَصِفُوْنَ ﴿٧٧﴾ قَالُوْا يٰٓاَيُّهَا الْعَزِيْزُ اِنَّ لَهٗٓ اَبًا شَيْخًا
كَبِيْرًا فَخُذْ اَحَدَنَا مَكَانَهٗ ۚ اِنَّا نَرٰىكَ مِنَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٧٨﴾

پوءِ جنهن مهل اُنهن لاءِ سندن سامان سنبرايائين (تنهن مهل) پنهنجي (سڳي) ڀاءُ جي مڏيءَ ۾ پيالو لڪايائين وري آواز ڪندڙ آواز ڪيو ته اي قافلي وارؤ! اوهين ضرور چور آهيو (٧٠). (قافلي وارن ٻڌي) اُنهن ڏانهن منهن ڪري چيو ته ڇا وڃايو اٿوَ؟ (٧١). چيائون ته بادشاه جو پيالو وڃايو اَٿئون ۽ جنهن اُهو (لهي) آندو تنهن لاءِ اُٺ جو بار (انعام) آهي ۽ آءٌ (اُن انجام) جو ذميوار آهيان (٧٢). چيائون ته الله جو قسم آهي ته اوهان کي خبر هوندي ته اَسين هن لاءِ نه آيا آهيون ته ملڪ ۾ ڏقيڙ وجهون ۽ نڪي اَسين چور آهيون (٧٣). (وري نوڪرن) چيو ته جيڪڏهن ڪوڙا هجو ته اُن (چور) جي سزا ڪهڙي آهي؟ (٧٤). چيائون ته اُن جي سزا (هيءَ) آهي ته جنهن جي مڏيءَ مان اُهو لڌو سو، (پاڻ) اُن جو بدلو آهي- اهڙي طرح اسين ظالمن کي سزا ڏيندا آهيون (٧٥). پوءِ (يوسف) پنهنجي (سڳي) ڀاءُ جي ٻوري (ڳولڻ) کان اڳ اُنهن (ٻين) جون ٻوريون ڳولڻ شروع ڪيون وري اُهو (پيالو) پنهنجي ڀاءُ جي ٻوري مان ڪڍيائين- اهڙي طرح يوسف کي تجويز سيکاري سون- جو بادشاه جي قانون موجب پنهنجي ڀاءُ کي الله جي گُهر کان سواءِ وٺي نه ٿي سگهيو- جنهن کي گهرندا آهيون تنهن کي درجن ۾ مٿاهون ڪندا آهيون- ۽ هر ڪنهن سياڻي جي مٿان سياڻو آهي (٧٦). چيائون ته جيڪڏهن (هن) چوري ڪئي آهي ته اڳ سندس ڀاءُ (به) بيشڪ چوري ڪئي هئي، پوءِ اُن (ڳالھ) کي يوسف پنهنجي دل ۾ لڪايو ۽ کين اُها پڌري نه ڪيائين (دل ۾) چيائين ته اوهين بڇڙي مان وارا آهيو، ۽ جيڪي بيان ڪريو ٿا سو الله چڱو ڄاڻندڙ آهي (٧٧). چيائون ته اي عزيز! هن جو پيءُ پوڙهو وڏي ڄمار وارو آهي تنهن ڪري اسان مان هڪڙو سندس بدران وٺ، اسين توکي نيڪن مان ڏسون ٿا (٧٨).

قَالَ مَعَاذَ اللّٰهِ اَنْ نَّاْخُذَ اِلَّا مَنْ وَّجَدْنَا مَتَاعَنَا عِنْدَهٗۤ
اِنَّاۤ اِذًا لَّظٰلِمُوْنَ ﴿۷۹﴾ فَلَمَّا اسْتَيْـَٔسُوْا مِنْهُ خَلَصُوْا نَجِيًّا ؕ
قَالَ كَبِيْرُهُمْ اَلَمْ تَعْلَمُوْۤا اَنَّ اَبَاكُمْ قَدْ اَخَذَ عَلَيْكُمْ
مَّوْثِقًا مِّنَ اللّٰهِ وَمِنْ قَبْلُ مَا فَرَّطْتُّمْ فِيْ يُوْسُفَ ۚ فَلَنْ
اَبْرَحَ الْاَرْضَ حَتّٰى يَاْذَنَ لِيْۤ اَبِيْۤ اَوْ يَحْكُمَ اللّٰهُ لِيْ ۚ وَهُوَ
خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿۸۰﴾ اِرْجِعُوْۤا اِلٰۤى اَبِيْكُمْ فَقُوْلُوْا يٰۤاَبَانَاۤ اِنَّ
ابْنَكَ سَرَقَ ۚ وَمَا شَهِدْنَاۤ اِلَّا بِمَا عَلِمْنَا وَمَا كُنَّا
لِلْغَيْبِ حٰفِظِيْنَ ﴿۸۱﴾ وَسْـَٔلِ الْقَرْيَةَ الَّتِيْ كُنَّا فِيْهَا
وَالْعِيْرَ الَّتِيْۤ اَقْبَلْنَا فِيْهَا ؕ وَاِنَّا لَصٰدِقُوْنَ ﴿۸۲﴾ قَالَ بَلْ
سَوَّلَتْ لَكُمْ اَنْفُسُكُمْ اَمْرًا ؕ فَصَبْرٌ جَمِيْلٌ ؕ عَسَى اللّٰهُ اَنْ
يَّاْتِيَنِيْ بِهِمْ جَمِيْعًا ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ﴿۸۳﴾ وَتَوَلّٰى
عَنْهُمْ وَقَالَ يٰۤاَسَفٰى عَلٰى يُوْسُفَ وَابْيَضَّتْ عَيْنٰهُ مِنَ
الْحُزْنِ فَهُوَ كَظِيْمٌ ﴿۸۴﴾ قَالُوْا تَاللّٰهِ تَفْتَؤُا تَذْكُرُ يُوْسُفَ حَتّٰى
تَكُوْنَ حَرَضًا اَوْ تَكُوْنَ مِنَ الْهٰلِكِيْنَ ﴿۸۵﴾ قَالَ اِنَّمَاۤ اَشْكُوْا
بَثِّيْ وَحُزْنِيْۤ اِلَى اللّٰهِ وَاَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۸۶﴾

چيائين الله پناھ ۾ رکي جو جنھن وٽ پنھنجو سامان لڌوسون تنھن کان سواءِ ٻئي کنھن کي پڪڙيون (جيڪڏھن ونون تہ) اُنھيءَ مھل اسين ظالم آھيون (٧٩). پوءِ جنھن مھل کانئس نااُميد ٿيا (تنھن مھل) نويڪلا ٿي صلاح کندڙ ٿيا۔ سندن وڏي (ڀاءُ) چيو تہ نہ ڄاڻندا آھيو ڇا تہ اوھان جي پيءُ اوھان کان الله جو پڪو قسم ورتو آھي؟ ۽ اڳ بہ اوھان يوسف جي نسبت ۾ ڪجھ نہ گھٽايو ھو، تنھن ڪري (جيسين) منھنجو پيءُ مون کي موڪل (نہ) ڏيندو يا الله مون لاءِ حڪم نہ ڪندو تيسين آءٌ ھن ملڪ مان ڪڏھن نہ نڪرندس ۽ اُھو چڱو حڪم ڏيڻ وارو آھي (٨٠). اوھين پنھنجي پيءُ وٽ موٽي وڃو پوءِ چئو تہ اي ابا! تنھنجي پٽ چوري ڪئي ۽ جيڪي ڄاتو سون اُن کان سواءِ ٻي (ڳالھ) جي شاھدي نہ ڏني سون ۽ اسين ڳجھ (جي خبر) نہ ڄاڻندا ھئاسون (٨١). ۽ جنھن ڳوٺ ۾ ھئاسون اُنھيءَ کان ۽ جنھن قافلي ۾ آياسون تنھن کان پڇا ڪر۔ ۽ اسين ضرور سچا آھيون (٨٢). (يعقوب) چيو تہ (نہ!) بلڪ توھان جي نفس اوھان لاءِ (ھيءَ) ڳالھ ٺاھي آھي تنھن ڪري چڱو صبر ڪرڻ (منھنجو ڪم) آھي۔ اُميد آھي تہ الله انھن سڀني کي مون وٽ آڻيندو۔ ڇو تہ اُھو ڄاڻندڙ حڪمت وارو آھي (٨٣). ۽ کانئن منھن موڙيائين ۽ چيائين يوسف لاءِ مون کي افسوس آھي! ۽ سندس ٻئي اکيون ڏک کان اڇيون ٿيون پوءِ اُھو ڏک پريل ھو (٨٤). ۽ (سندس گھراڻي وارن) چيو تہ الله جو قسم آھي تہ تون سدائين يوسف کي ساريندو رھندين جيسين مرڻ ڪنديءَ تي ٿئين يا مئلن مان ٿئين! (٨٥). چيائين آءٌ تہ پنھنجو ڏک ۽ بي قراري الله جي جناب ۾ بيان ڪندو آھيان ۽ الله جي طرف کان اُھو ڄاڻندو آھيان جو اوھين نہ ڄاڻندا آھيو (٨٦).

يٰبَنِيَّ اذْهَبُوْا فَتَحَسَّسُوْا مِنْ يُّوْسُفَ وَاَخِيْهِ وَلَا تَا۟يْـَٔسُوْا
مِنْ رَّوْحِ اللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ لَا يَا۟يْـَٔسُ مِنْ رَّوْحِ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ
الْكٰفِرُوْنَ ﴿۸۷﴾ فَلَمَّا دَخَلُوْا عَلَيْهِ قَالُوْا يٰۤاَيُّهَا الْعَزِيْزُ مَسَّنَا
وَاَهْلَنَا الضُّرُّ وَجِئْنَا بِبِضَاعَةٍ مُّزْجٰىةٍ فَاَوْفِ لَنَا الْكَيْلَ
وَتَصَدَّقْ عَلَيْنَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَجْزِي الْمُتَصَدِّقِيْنَ ﴿۸۸﴾ قَالَ
هَلْ عَلِمْتُمْ مَّا فَعَلْتُمْ بِيُوْسُفَ وَاَخِيْهِ اِذْ اَنْتُمْ جٰهِلُوْنَ ﴿۸۹﴾
قَالُوْۤا ءَاِنَّكَ لَاَنْتَ يُوْسُفُ ؕ قَالَ اَنَا يُوْسُفُ وَهٰذَاۤ اَخِيْ ز
قَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا ؕ اِنَّهٗ مَنْ يَّتَّقِ وَيَصْبِرْ فَاِنَّ اللّٰهَ
لَا يُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۹۰﴾ قَالُوْا تَاللّٰهِ لَقَدْ اٰثَرَكَ
اللّٰهُ عَلَيْنَا وَاِنْ كُنَّا لَخٰطِـِٕيْنَ ﴿۹۱﴾ قَالَ لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ
الْيَوْمَ ؕ يَغْفِرُ اللّٰهُ لَكُمْ ز وَهُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿۹۲﴾ اِذْهَبُوْا
بِقَمِيْصِيْ هٰذَا فَاَلْقُوْهُ عَلٰى وَجْهِ اَبِيْ يَاْتِ بَصِيْرًا ج
وَاْتُوْنِيْ بِاَهْلِكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿۹۳﴾ ع وَلَمَّا فَصَلَتِ
الْعِيْرُ قَالَ اَبُوْهُمْ اِنِّيْ لَاَجِدُ رِيْحَ يُوْسُفَ لَوْلَاۤ اَنْ
تُفَنِّدُوْنِ ﴿۹۴﴾ قَالُوْا تَاللّٰهِ اِنَّكَ لَفِيْ ضَلٰلِكَ الْقَدِيْمِ ﴿۹۵﴾

اي منهنجا پٽؤ! وڃو ۽ يوسف ۽ سندس ڀاءُ جي ڳولا ڪريو ۽ الله جي رحمت کان نااُميد نہ ٿيو۔ ڇو تہ الله جي ٻاجھ کان ڪافرن جي قوم کان سواءِ (ٻيو) ڪو (بہ) نااُميد نہ ٿيندو آهي (۸۷). پوءِ جنهن مهل يوسف وٽ آيا (تنهن مهل) چيائون تہ اي عزيز! اسان کي ۽ اسان جي گھر وارن کي (ڏڪار جي) تڪليف پهتي آهي ۽ نڪمي ڪجھ قيمت کڻي آيا آهيون پوءِ اسان کي پوري مئپ ڏي ۽ اسان کي (ڪجھ) خيرات (بہ) ڏي۔ ڇو تہ الله خير ڪندڙن کي چڱو بدلو ڏيندو آهي (۸۸). يوسف کين چيو تہ جڏهن اوهين بي سمجھ هيؤ تڏهن جيڪي اوهان يوسف ۽ سندس ڀاءُ سان ڪيو سو ڄاتو اٿو؟ (۸۹). چيائون تہ تون ئي پڪ يوسف آهين ڇا؟ چيائين (هائو) آءٌ يوسف آهيان ۽ هيءَ منهنجو ڀاءُ آهي بيشڪ الله اسان تي اِحسان ڪيو آهي۔ جيڪو پرهيزگاري ڪندو ۽ صبر ڪندو تہ الله ڀلارن جو اَجر نہ وڃائيندو آهي (۹۰). چيائون تہ الله جو قسم آهي تہ بيشڪ الله توکي اسان کان ڀَلو ڪيو آهي ۽ بيشڪ اسين خطا ڪندڙ هئاسون (۹۱). (يوسف) چيو اڄ اوهان تي ڪا ميار ڪانهي۔ الله اوهان کي بخشيندو ۽ اُهو (سڀني) ٻاجهارن کان وڌ ٻاجهارو آهي (۹۲). هي منهنجو پهراڻ کڻي وڃو پوءِ اُهو منهنجي پيءُ جي منهن تي گھمايو تہ ڏسندڙ ٿيندو، ۽ مڙيئي پنهنجي گھر جا ڀاتي مون وٽ آڻيو (۹۳). ۽ جنهن مهل قافلو (مصر مان) نڪتو (تنهن مهل) سندن پيءُ چيو تہ جيڪڏهن (اوهين) مونکي اِبوجھ نہ سمجھو تہ مون کي يوسف جي بوءِ اچي ٿي (۹۴). چيائون تہ الله جو قسم آهي تہ تون اڳئين ويساري ۾ آهين (۹۵).

فَلَمَّآ اَنۡ جَآءَ الۡبَشِيۡرُ اَلۡقٰىهُ عَلٰى وَجۡهِهٖ فَارۡتَدَّ بَصِيۡرًا ۚ
قَالَ اَلَمۡ اَقُلۡ لَّكُمۡ ۚ اِنِّىۡۤ اَعۡلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۹۶﴾
قَالُوۡا يٰۤاَبَانَا اسۡتَغۡفِرۡ لَنَا ذُنُوۡبَنَاۤ اِنَّا كُنَّا خٰطِـِٕيۡنَ ﴿۹۷﴾
قَالَ سَوۡفَ اَسۡتَغۡفِرُ لَـكُمۡ رَبِّىۡ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الۡغَفُوۡرُ الرَّحِيۡمُ ﴿۹۸﴾
فَلَمَّا دَخَلُوۡا عَلٰى يُوۡسُفَ اٰوٰۤى اِلَيۡهِ اَبَوَيۡهِ وَقَالَ ادۡخُلُوۡا
مِصۡرَ اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ اٰمِنِيۡنَ ؕ ﴿۹۹﴾ وَرَفَعَ اَبَوَيۡهِ عَلَى الۡعَرۡشِ
وَخَرُّوۡا لَهٗ سُجَّدًا ۚ وَقَالَ يٰۤاَبَتِ هٰذَا تَاۡوِيۡلُ رُءۡيَاىَ مِنۡ
قَبۡلُ قَدۡ جَعَلَهَا رَبِّىۡ حَقًّا ؕ وَقَدۡ اَحۡسَنَ بِىۡۤ اِذۡ اَخۡرَجَنِىۡ
مِنَ السِّجۡنِ وَجَآءَ بِكُمۡ مِّنَ الۡبَدۡوِ مِنۡۢ بَعۡدِ اَنۡ نَّزَغَ
الشَّيۡطٰنُ بَيۡنِىۡ وَبَيۡنَ اِخۡوَتِىۡ ؕ اِنَّ رَبِّىۡ لَطِيۡفٌ لِّمَا يَشَآءُ ؕ
اِنَّهٗ هُوَ الۡعَلِيۡمُ الۡحَكِيۡمُ ﴿۱۰۰﴾ رَبِّ قَدۡ اٰتَيۡتَنِىۡ مِنَ الۡمُلۡكِ وَ
عَلَّمۡتَنِىۡ مِنۡ تَاۡوِيۡلِ الۡاَحَادِيۡثِ ۚ فَاطِرَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ قف
اَنۡتَ وَلِىّٖ فِى الدُّنۡيَا وَالۡاٰخِرَةِ ۚ تَوَفَّنِىۡ مُسۡلِمًا وَّاَلۡحِقۡنِىۡ
بِالصّٰلِحِيۡنَ ﴿۱۰۱﴾ ذٰلِكَ مِنۡ اَنۡۢبَآءِ الۡغَيۡبِ نُوۡحِيۡهِ اِلَيۡكَ ۚ
وَمَا كُنۡتَ لَدَيۡهِمۡ اِذۡ اَجۡمَعُوۡۤا اَمۡرَهُمۡ وَهُمۡ يَمۡكُرُوۡنَ ﴿۱۰۲﴾

جنهن مهل خوشخبري ڏيندڙ آيو تنهن مهل سندس منهن تي اُهو (پهراڻ)
گهمايائين ته ڦري ڏسندڙ ٿيو. چيائين ته اوهان کي نه چيو هوم ڇا ته آءٌ الله
جي پار کان اُهو ڄاڻندو آهيان جيڪي اوهين نه ڄاڻندا آهيو؟ (٩٦).
چيائون ته اي اسان جا اَبا! اسان لاءِ اسان جي گناهن جي بخشش گهر
اَسين بيشڪ گنهگار آهيون (٩٧). (يعقوب) چيو ته (آءٌ) سگهو اوهان لاءِ
پنهنجي پالڻهار کان بخشش گهرندس ڇو ته اُهوئي بخشڻهار مهربان
آهي (٩٨). پوءِ جنهن مهل يوسف وٽ پهتا (تنهن مهل) پنهنجي ماءُ پيءُ
کي پاڻ وٽ جاءِ ڏنائين ۽ چيائين ته جيڪڏهن الله گهريو ته مصر ۾ بي پروا
ٿي گهڙو (٩٩). ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ کي تخت تي ويهاريائين ۽ اُهي ڏانهنس
ڪنڌ نوڙائي جهڪيا، ۽ (يوسف) چيو ته اي منهنجا اَبا! هيءُ منهنجي اڳين
خواب جو تعبير آهي بيشڪ منهنجي پالڻهار اُن کي سچو ڪيو. ۽ (الله)
مون سان تڏهن بيشڪ اِحسان ڪيو جڏهن مون کي قيد مان ٻاهر
ڪڍيائين ۽ منهنجي ۽ منهنجي ڀائرن جي وچ ۾ شيطان ڀيائي وڌي تنهن
کان پوءِ اوهان کي ٻهراڙيءَ کان (شهر ۾) آندائين. ڇو ته منهنجو پالڻهار
جنهن لاءِ وڻيس تنهن تي احسان ڪندڙ آهي. سچ آهي ته اُهو ڄاڻندڙ
حڪمت وارو آهي (١٠٠). (يوسف چيو ته) اي منهنجا پالڻهار بيشڪ مون
کي بادشاهي ڏني اٿيئي ۽ مون کي خوابن جو تعبير سيکاريو اٿيئي، اي
آسمانن ۽ زمين جا بڻائيندڙ! تون دنيا ۽ آخرت ۾ منهنجو وارث آهين، مون
کي مسلمان ڪري مار ۽ مون کي صالحن سان شامل ڪر! (١٠١). (اي
پيغمبر!) اِهو (قصو) ڳجهين خبرن مان آهي جو تو ڏانهن وحي ڪريون ٿا،
۽ اُنهن جڏهن فريب ڪندڙ ٿي پنهنجي ڪم جو ارادو ٿي ڪيو تڏهن
تون وٽن ڪونه هئين (١٠٢).

وَمَآ اَكۡثَرُ النَّاسِ وَلَوۡ حَرَصۡتَ بِمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۱۰۳﴾ وَمَا تَسۡـَٔلُهُمۡ عَلَيۡهِ
مِنۡ اَجۡرٍ‌ؕ اِنۡ هُوَ اِلَّا ذِكۡرٌ لِّلۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۱۰۴﴾ وَكَاَيِّنۡ مِّنۡ اٰيَةٍ فِى
السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ يَمُرُّوۡنَ عَلَيۡهَا وَهُمۡ عَنۡهَا مُعۡرِضُوۡنَ ﴿۱۰۵﴾
وَمَا يُؤۡمِنُ اَكۡثَرُهُمۡ بِاللّٰهِ اِلَّا وَهُمۡ مُّشۡرِكُوۡنَ ﴿۱۰۶﴾ اَفَاَمِنُوۡۤا اَنۡ
تَاۡتِيَهُمۡ غَاشِيَةٌ مِّنۡ عَذَابِ اللّٰهِ اَوۡ تَاۡتِيَهُمُ السَّاعَةُ بَغۡتَةً وَّ
هُمۡ لَا يَشۡعُرُوۡنَ ﴿۱۰۷﴾ قُلۡ هٰذِهٖ سَبِيۡلِىۡۤ اَدۡعُوۡۤا اِلَى اللّٰهِ‌ ۛؔ عَلٰى
بَصِيۡرَةٍ اَنَا وَمَنِ اتَّبَعَنِىۡ‌ؕ وَسُبۡحٰنَ اللّٰهِ وَمَاۤ اَنَا مِنَ الۡمُشۡرِكِيۡنَ ﴿۱۰۸﴾
وَمَاۤ اَرۡسَلۡنَا مِنۡ قَبۡلِكَ اِلَّا رِجَالًا نُّوۡحِىۡۤ اِلَيۡهِمۡ مِّنۡ اَهۡلِ الۡقُرٰى‌ؕ
اَفَلَمۡ يَسِيۡرُوۡا فِى الۡاَرۡضِ فَيَنۡظُرُوۡا كَيۡفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيۡنَ
مِنۡ قَبۡلِهِمۡ‌ؕ وَلَدَارُ الۡاٰخِرَةِ خَيۡرٌ لِّلَّذِيۡنَ اتَّقَوۡا‌ ؕ اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ ﴿۱۰۹﴾
حَتّٰٓى اِذَا اسۡتَيۡـَٔسَ الرُّسُلُ وَظَنُّوۡۤا اَنَّهُمۡ قَدۡ كُذِبُوۡا جَآءَهُمۡ
نَصۡرُنَا ۙ فَنُجِّىَ مَنۡ نَّشَآءُ‌ ؕ وَلَا يُرَدُّ بَاۡسُنَا عَنِ الۡقَوۡمِ الۡمُجۡرِمِيۡنَ ﴿۱۱۰﴾
لَقَدۡ كَانَ فِىۡ قَصَصِهِمۡ عِبۡرَةٌ لِّاُولِى الۡاَلۡبَابِ‌ ؕ مَا كَانَ
حَدِيۡثًا يُّفۡتَرٰى وَلٰـكِنۡ تَصۡدِيۡقَ الَّذِىۡ بَيۡنَ يَدَيۡهِ وَ
تَفۡصِيۡلَ كُلِّ شَىۡءٍ وَّهُدًى وَّرَحۡمَةً لِّقَوۡمٍ يُّؤۡمِنُوۡنَ ﴿۱۱۱﴾ ع

۽ (اي پيغمبر!) جيتوڻيڪ حرص ڪرين تہ بہ گھڻا ماڻھو ايمان آڻيندڙ نہ آھن (١٠٣). ۽ (تون) اُن (قرآن جي پھچائڻ) تي ڪائڻن ڪو اُجورو نہ گھرندو آھين۔ اُھو (قرآن) جھانن جي نصيحت کان سواءِ (ٻيو ڪجھ) نہ آھي (١٠٤). ۽ ڪيترين ئي نشانيون آسمانن ۽ زمين ۾ آھن جن تان لنگھندا آھن ۽ اُھي (ڏسي ڪري) اُنھن (تي ڏيان ڏيڻ) کان منھن موڙيندا آھن (١٠٥). ۽ منجھائڻن گھڻا الله تي ايمان نہ آڻيندا آھن پر اُھي (الله سان) شريڪ بڻائيندڙ آھن (١٠٦). (اُھي) الله جي عذاب مان پاڻ وٽ ڇپ اچڻ کان يا قيامت جي (اُھڙي حالت ۾) اوچتي پھچڻ کان بي پروا ٿيا آھن ڇا، جو اُھي نہ ڄاڻندا ھجن؟ (١٠٧). (اي پيغمبر!) چؤ تہ ھيءَ منھنجي واٽ آھي پڌري حجت سان، الله ڏانھن سڏيان ٿو. آءٌ ۽ منھنجا تابعدار بہ (سڏيندا آھن)۔ ۽ الله پاڪ آھي ۽ آءٌ مشرڪن مان نہ آھيان (١٠٨). ۽ (اي پيغمبر!) اسان توکان اڳ شھر وارن مان، مَردن کان سواءِ، ٻيو ڪونہ موڪليوسون جن ڏانھن وحي ڪيوسون. پوءِ ڇو نہ زمين ۾ گھمي ڏسندا آھن تہ جيڪي کائڻن اڳ ھئا تن جي پڇاڙي ڪھڙي طرح ٿي؟ ۽ آخرت جو گھر اُنھن لاءِ ڀلو آھي جيڪي ڊڄندا آھن۔ پوءِ ڇو نہ ڄاڻندا آھيو؟ (١٠٩). (ايستائين دِر ڏني سون) جيستائين پيغمبر (مدد پھچڻ کان) نااُميد ٿيڻ لڳا ۽ (سندن قوم) ڀانيو تہ اُنھن سان ڪوڙو (انجام) ڪيو ويو آھي وٽن اسان جي مدد پھتي پوءِ جنھن کي گھريو سون تنھن کي ڇوٽڪارو ڏنو ويو ۽ ڏوھارڻ قوم کان اسان جو عذاب ٽاريو نہ ويندو آھي (١١٠). بيشڪ عقل وارن لاءِ اُنھن (پيغمبرن) جي قصن ۾ عبرت آھي۔ (ھيءُ قرآن) ٺاوتي آکاڻي نہ آھي پر جيڪي (ڪتاب) کائنس اڳ آھن تن کي سچو ڪندڙ آھي ۽ سڀ ڪنھن شيءِ لاءِ تفصيل آھي ۽ ايمان واريءَ قوم لاءِ ھدايت ۽ ٻاجھ آھي (١١١).

# سُوْرَةُ الرَّعْدِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الٓمّٓرٰ ۚ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ ؕ وَالَّذِيْٓ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ الْحَقُّ
وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۱﴾ اَللّٰهُ الَّذِيْ رَفَعَ السَّمٰوٰتِ بِغَيْرِ
عَمَدٍ تَرَوْنَهَا ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ ؕ
كُلٌّ يَّجْرِيْ لِاَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ يُدَبِّرُ الْاَمْرَ يُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ
بِلِقَآءِ رَبِّكُمْ تُوْقِنُوْنَ ﴿۲﴾ وَهُوَ الَّذِيْ مَدَّ الْاَرْضَ وَجَعَلَ فِيْهَا
رَوَاسِيَ وَاَنْهٰرًا ؕ وَمِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ جَعَلَ فِيْهَا زَوْجَيْنِ اثْنَيْنِ
يُغْشِي الَّيْلَ النَّهَارَ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿۳﴾ وَ
فِي الْاَرْضِ قِطَعٌ مُّتَجٰوِرٰتٌ وَّجَنّٰتٌ مِّنْ اَعْنَابٍ وَّزَرْعٌ وَّنَخِيْلٌ
صِنْوَانٌ وَّغَيْرُ صِنْوَانٍ يُّسْقٰى بِمَآءٍ وَّاحِدٍ ۟ وَنُفَضِّلُ بَعْضَهَا
عَلٰى بَعْضٍ فِي الْاُكُلِ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿۴﴾ وَ
اِنْ تَعْجَبْ فَعَجَبٌ قَوْلُهُمْ ءَاِذَا كُنَّا تُرٰبًا ءَاِنَّا لَفِيْ خَلْقٍ
جَدِيْدٍ ؕ۬ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ ۚ وَاُولٰٓئِكَ الْاَغْلٰلُ فِيْٓ
اَعْنَاقِهِمْ ۚ وَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۵﴾

سورة رعد مڪي آهي ۽ هن ۾ ٽيتاليهه
آيتون ۽ ڇهه رڪوع آهن

اللہ ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

المر، هي ڪتاب جون آيتون آهن. ۽ جيڪي توڏانهن تنهنجي پالڻهار وٽان نازل ڪيو ويو سو حق آهي پر گهڻا ماڻهو نه مڃيندا آهن (١). الله اُهو آهي جنهن آسمانن کي بنا ٿنڀن جي کڙو ڪيو آهي اُنهن کي ڏسو ٿا وري عرش ڏي متوجه ٿيو ۽ سج ۽ چنڊ کي نوايائين. سڀڪو ٺهرايل مدت تائين هلندو آهي. (اُهو سڀني) ڪمن کي رٿيندو آهي نشانيون تفصيل سان بيان ڪندو آهي ته مانَ اوهين پنهنجي پالڻهار جي ملڻ جو يقين ڪريو (٢). ۽ اُهو (الله) آهي جنهن زمين کي پکيڙيو ۽ منجهس جبل ۽ درياءَ بڻايائين. ۽ منجهس سڀ ڪنهن ميوي مان ٻه ٻه قسم بڻايائين. ڏينهن کي رات سان ڍڪيندو آهي. بيشڪ اُن ۾ پروڙيندڙ قوم لاءِ نشانيون آهن (٣). ۽ زمين ۾ (مختلف قسم جا) ٽُڪرا لڳو لڳ آهن ۽ انگورن جا باغ آهن ۽ پوکون ۽ کجيون آهن (انهن مان ڪي) جُهڳٽا ۽ (ڪي) هڪ ٽُڙ وارا آهن، اُنهن کي هڪ ئي پاڻي پياريو ويندو آهي ۽ اسين ميوي ۾ ڪن (جي مزي) کي ڪن کان وڌيڪ ڪندا آهيون. بيشڪ اُن ۾ سمجهندڙ قوم لاءِ نشانيون آهن (٤). ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن تو کي (سندن انڪار جو) عجب ٿيندو آهي ته سندن (هن) چوڻ جو به عجب ڪرڻو آهي (جو چوندا آهن) ته هان جڏهن مٽي ٿينداسون ته اسين وري نئين سر بڻايا وينداسون ڇا؟ اِهي اُهي آهن جن پنهنجي پالڻهار جو انڪار ڪيو. ۽ اِهي اُهي آهن جن جي ڳچين ۾ ڳٽ هوندا، ۽ اِهي دوزخي آهن، اُهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن (٥).

وَيَسْتَعْجِلُونَكَ بِالسَّيِّئَةِ قَبْلَ الْحَسَنَةِ وَقَدْ خَلَتْ مِنْ
قَبْلِهِمُ الْمَثُلٰتُ ۗ وَإِنَّ رَبَّكَ لَذُو مَغْفِرَةٍ لِّلنَّاسِ عَلٰى
ظُلْمِهِمْ ۚ وَإِنَّ رَبَّكَ لَشَدِيدُ الْعِقَابِ ﴿٦﴾ وَيَقُولُ الَّذِينَ
كَفَرُوا لَوْلَا أُنْزِلَ عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ۗ إِنَّمَا أَنْتَ مُنْذِرٌ وَّ
لِكُلِّ قَوْمٍ هَادٍ ﴿٧﴾ اَللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تَحْمِلُ كُلُّ أُنْثٰى وَمَا تَغِيضُ
الْأَرْحَامُ وَمَا تَزْدَادُ ۗ وَكُلُّ شَيْءٍ عِنْدَهٗ بِمِقْدَارٍ ﴿٨﴾ عٰلِمُ الْغَيْبِ
وَالشَّهَادَةِ الْكَبِيرُ الْمُتَعَالِ ﴿٩﴾ سَوَاءٌ مِّنْكُمْ مَّنْ أَسَرَّ الْقَوْلَ وَ
مَنْ جَهَرَ بِهٖ وَمَنْ هُوَ مُسْتَخْفٍ بِاللَّيْلِ وَسَارِبٌ بِالنَّهَارِ ﴿١٠﴾
لَهٗ مُعَقِّبٰتٌ مِّنْ بَيْنِ يَدَيْهِ وَمِنْ خَلْفِهٖ يَحْفَظُونَهٗ
مِنْ أَمْرِ اللّٰهِ ۗ إِنَّ اللّٰهَ لَا يُغَيِّرُ مَا بِقَوْمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوا مَا
بِأَنْفُسِهِمْ ۗ وَإِذَا أَرَادَ اللّٰهُ بِقَوْمٍ سُوْٓءًا فَلَا مَرَدَّ لَهٗ ۚ وَمَا لَهُمْ
مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّالٍ ﴿١١﴾ هُوَ الَّذِي يُرِيكُمُ الْبَرْقَ خَوْفًا وَّطَمَعًا
وَّيُنْشِئُ السَّحَابَ الثِّقَالَ ﴿١٢﴾ وَيُسَبِّحُ الرَّعْدُ بِحَمْدِهٖ وَالْمَلٰٓئِكَةُ
مِنْ خِيفَتِهٖ ۚ وَيُرْسِلُ الصَّوَاعِقَ فَيُصِيبُ بِهَا مَنْ
يَّشَاءُ وَهُمْ يُجَادِلُونَ فِي اللّٰهِ ۚ وَهُوَ شَدِيدُ الْمِحَالِ ﴿١٣﴾

۽ (اي پيغمبر!) ڀلائي (جي پهچڻ) کان اڳي ئي توکان برائي جلد گهرندا آهن ۽ بيشڪ کانئن اڳ (ماڻهن تي اهڙا) عذاب ٿي چڪا آهن- ۽ تنهنجو پالڻهار ماڻهن کي سندن ڏوهي هجڻ هوندي به بخشڻ وارو آهي، ۽ تنهنجو پالڻهار سخت عذاب ڪرڻ وارو (به) آهي (٦). ۽ ڪافر چوندا آهن ته هن (پيغمبر) تي سندس پالڻهار کان (ڪا به) نشاني ڇو نه نازل ڪئي ويئي آهي؟ (اي پيغمبر) تون رڳو ڊيڄاريندڙ آهين ۽ هر قوم لاءِ هدايت ڪرڻ وارو هوندو آهي (٧). هر مادي (پنهنجي پيٽ ۾) جيڪو (حمل) کڻندي آهي سو الله ڄاڻندو آهي ۽ ڳڀيرڻيون جيڪي گهٽائينديون آهن ۽ جيڪي وڌائينديون آهن (سو به ڄاڻندو آهي)- ۽ هر شيءِ وٽس اندازي سان آهي (٨). ڳجهه ۽ ظاهر جو ڄاڻندڙ وڏو مٿاهون آهي (٩). اوهان مان جيڪو ڳالهه هوريان ڪري ۽ جيڪو وڏي سڏ ڳالهائي ۽ جيڪو رات جو لڪي ۽ ڏينهن جو پڌرو ٿي گهمي (سي سندس علم ۾) هڪ جهڙا آهن (١٠). اُن (ماڻهو) لاءِ (ملائڪ پهريدار) هڪ ٻئي پٺيان ايندڙ سندس اڳتان ۽ سندس پوئتان (مقرر) آهن جو الله جي حڪم سان اُن جي نگهباني ڪندا آهن- پڪ الله ڪنهن قوم جي حالت کي (ايستائين) نه ڦيرائيندو آهي جيستائين اُهي جيڪي سندن دلين ۾ آهي سو (پاڻ) نه ڦيرائين، ۽ جڏهن الله ڪنهن قوم جي خرابيءَ جو ارادو ڪندو آهي تڏهن اُن کي ڪو ٽرڻ ڪونهي، ۽ نه ڪي اُنهن جو الله کان سواءِ ڪو مددگار آهي (١١). اُهو (الله) آهي جيڪو اوهان کي ڀوَ ۽ اُميد لاءِ وڄ ڏيکاريندو آهي ۽ ڳرن ڪڪرن کي اٿاريندو آهي (١٢). ۽ گاج ۽ (سڀ) ملائڪ سندس ڀوُ کان سندس ساراه سان پاڪائي واکاڻيندا آهن، ۽ وڄون موڪليندو آهي پوءِ اُهي جنهن لاءِ گهرندو آهي تنهن تي ڪيرائيندو آهي ۽ ڪافر الله بابت تڪرار ڪندا آهن، حالانڪ اُهو سخت عذاب ڪرڻ وارو آهي (١٣).

لَهٗ دَعْوَةُ الْحَقِّ ؕ وَالَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ لَا يَسْتَجِيْبُوْنَ
لَهُمْ بِشَيْءٍ اِلَّا كَبَاسِطِ كَفَّيْهِ اِلَى الْمَآءِ لِيَبْلُغَ فَاهُ وَمَا هُوَ
بِبَالِغِهٖ ؕ وَمَا دُعَآءُ الْكٰفِرِيْنَ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ ﴿١٤﴾ وَلِلّٰهِ يَسْجُدُ
مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ طَوْعًا وَّكَرْهًا وَّظِلٰلُهُمْ بِالْغُدُوِّ
وَالْاٰصَالِ ﴿١٥﴾ السجدة قُلْ مَنْ رَّبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ قُلِ اللّٰهُ ؕ قُلْ
اَفَاتَّخَذْتُمْ مِّنْ دُوْنِهٖۤ اَوْلِيَآءَ لَا يَمْلِكُوْنَ لِاَنْفُسِهِمْ نَفْعًا
وَّلَا ضَرًّا ؕ قُلْ هَلْ يَسْتَوِي الْاَعْمٰى وَالْبَصِيْرُ ۙ۬ اَمْ هَلْ
تَسْتَوِي الظُّلُمٰتُ وَالنُّوْرُ ۚ۬ اَمْ جَعَلُوْا لِلّٰهِ شُرَكَآءَ خَلَقُوْا
كَخَلْقِهٖ فَتَشَابَهَ الْخَلْقُ عَلَيْهِمْ ؕ قُلِ اللّٰهُ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ
وَّهُوَ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ ﴿١٦﴾ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَسَالَتْ
اَوْدِيَةٌۢ بِقَدَرِهَا فَاحْتَمَلَ السَّيْلُ زَبَدًا رَّابِيًا ؕ وَمِمَّا
يُوْقِدُوْنَ عَلَيْهِ فِي النَّارِ ابْتِغَآءَ حِلْيَةٍ اَوْ مَتَاعٍ زَبَدٌ
مِّثْلُهٗ ؕ كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ الْحَقَّ وَالْبَاطِلَ ؕ۬ فَاَمَّا
الزَّبَدُ فَيَذْهَبُ جُفَآءً ۚ وَاَمَّا مَا يَنْفَعُ النَّاسَ
فَيَمْكُثُ فِي الْاَرْضِ ؕ كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ الْاَمْثَالَ ؕ ﴿١٧﴾

ڪيس (هر حال ۾) سڏڻ حق آهي- ۽ (ڪافر) الله کان سواءِ جن کي سڏيندا آهن سي کين ڪنهن (بہ) طرح ورندي ڏيئي نہ سگهندا (اُنهن سڏيندڙن جو مثال) رڳو اُنهيءَ (ماڻهو) وانگر (آهي) جو پنهنجو ٻڪ پاڻي ڏانهن هن لاءِ ڊگهيريندڙ هجي تہ پاڻي سندس وات ۾ پوي ۽ اُهو پاڻي سندس وات ۾ ڪڏهن پوڻ وارو نہ آهي- ۽ ڪافرن جو سڏڻ رڳو گمراهي ۾ هجڻ آهي (١۴). ۽ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن سي سرها ۽ اَرها الله کي سجدو ڪندا آهن ۽ سندن پاڇا (بہ) صبح جو ۽ سانجهيءَ جو (سجدو ڪندا آهن) (١٥). (اي پيغمبر! ڪافرن) پڇ تہ آسمانن ۽ زمين جو پالڻهار ڪير آهي؟ (سندن پاران) چؤ تہ الله- (وري ڪافرن) پڇا ڪر تہ پوءِ الله کان سواءِ ٻيا اهڙا مددگار ڇو ورتا اٿوَ جي پنهنجو پاڻ کي نڪي نفعو ۽ نڪي نقصان پهچائي سگهندا آهن؟ (۽ اي پيغمبر!) کين چؤ تہ اَنڌو ۽ سڄو ڪو برابر آهي ڇا؟ يا اُونداهيون ۽ سوجهرو برابر آهي ڇا؟ الله لاءِ (اهڙا) شريڪ مقرر ڪيا اٿن ڇا جو (اُنهن) الله جي مخلوقات جهڙي (خلق) خلقي هجي جو (اُها) خلق مٿن هڪ جهڙي ٿي پيئي آهي؟ (اي پيغمبر! کين) چؤ تہ سڀ ڪنهن جو خلقڻهار الله آهي ۽ اُهوئي اڪيلو غالب آهي (١٦). (جنهن) آسمان کان پاڻي وسايو پوءِ واديون پنهنجي قدر سارو وهيون پوءِ ڇر، اُپامندڙ گَج کي کنيو- ۽ جيڪا شيءِ زيورن يا سامان جي طلب ڪرڻ لاءِ باھ ۾ ٻارينداآهن اُن تي بہ اُن جهڙي گَج (تيندي) آهي- اهڙي طرح الله کري ۽ کوٽي جو مثال ڏيندو آهي- پر گَج تہ سڪي (ختم ٿي) ويندي آهي، ۽ جا (شيءِ) ماڻهن کي نفعو ڏيندي آهي سا زمين ۾ رهندي آهي- اَهڙي طرح الله مثال ڏيندو آهي (١٧).

لِلَّذِينَ اسْتَجَابُوا لِرَبِّهِمُ الْحُسْنَىٰ ۚ وَالَّذِينَ لَمْ يَسْتَجِيبُوا لَهُ لَوْ أَنَّ
لَهُم مَّا فِي الْأَرْضِ جَمِيعًا وَمِثْلَهُ مَعَهُ لَافْتَدَوْا بِهِ ۚ أُولَٰئِكَ لَهُمْ
سُوءُ الْحِسَابِ وَمَأْوَاهُمْ جَهَنَّمُ ۖ وَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿١٨﴾ أَفَمَن يَعْلَمُ
أَنَّمَا أُنزِلَ إِلَيْكَ مِن رَّبِّكَ الْحَقُّ كَمَنْ هُوَ أَعْمَىٰ ۚ إِنَّمَا يَتَذَكَّرُ أُولُو
الْأَلْبَابِ ﴿١٩﴾ الَّذِينَ يُوفُونَ بِعَهْدِ اللَّهِ وَلَا يَنقُضُونَ الْمِيثَاقَ ﴿٢٠﴾
وَالَّذِينَ يَصِلُونَ مَا أَمَرَ اللَّهُ بِهِ أَن يُوصَلَ وَيَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ وَ
يَخَافُونَ سُوءَ الْحِسَابِ ﴿٢١﴾ وَالَّذِينَ صَبَرُوا ابْتِغَاءَ وَجْهِ رَبِّهِمْ
وَأَقَامُوا الصَّلَاةَ وَأَنفَقُوا مِمَّا رَزَقْنَاهُمْ سِرًّا وَعَلَانِيَةً وَيَدْرَءُونَ
بِالْحَسَنَةِ السَّيِّئَةَ أُولَٰئِكَ لَهُمْ عُقْبَى الدَّارِ ﴿٢٢﴾ جَنَّاتُ عَدْنٍ
يَدْخُلُونَهَا وَمَن صَلَحَ مِنْ آبَائِهِمْ وَأَزْوَاجِهِمْ وَذُرِّيَّاتِهِمْ ۖ وَالْمَلَائِكَةُ
يَدْخُلُونَ عَلَيْهِم مِّن كُلِّ بَابٍ ﴿٢٣﴾ سَلَامٌ عَلَيْكُم بِمَا صَبَرْتُمْ ۚ فَنِعْمَ
عُقْبَى الدَّارِ ﴿٢٤﴾ وَالَّذِينَ يَنقُضُونَ عَهْدَ اللَّهِ مِن بَعْدِ مِيثَاقِهِ
وَيَقْطَعُونَ مَا أَمَرَ اللَّهُ بِهِ أَن يُوصَلَ وَيُفْسِدُونَ فِي الْأَرْضِ ۙ أُولَٰئِكَ
لَهُمُ اللَّعْنَةُ وَلَهُمْ سُوءُ الدَّارِ ﴿٢٥﴾ اللَّهُ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَن يَشَاءُ وَيَقْدِرُ ۚ
وَفَرِحُوا بِالْحَيَاةِ الدُّنْيَا وَمَا الْحَيَاةُ الدُّنْيَا فِي الْآخِرَةِ إِلَّا مَتَاعٌ ﴿٢٦﴾

جن پنهنجي پالڻهار جو حڪم قبول ڪيو تن لاءِ ڀلائي آهي- ۽ جيڪي
سندس (حڪم) قبول نہ ڪيائون تن کي جيڪي زمين ۾ آهي سو سڀ ۽ پڻ
اوترو ساڻس (ٻيو) اُنهن کي هجي اُهو جيڪڏهن عيوض ڏين (تہ بہ قبول نہ
ڪبو)- اُنهن لاءِ حساب جي خرابي آهي، ۽ سندن جاءِ دوزخ آهي- ۽ اُها
بڇڙي جاءِ آهي (١٨). پوءِ جيڪي تو ڏانهن تنهنجي پالڻهار کان نازل ڪيو
ويو آهي تنهن کي جيڪو ڄاڻندو آهي تہ سچ آهي سو ڪو اُن جهڙو آهي
ڇا جيڪو انڌو هجي؟ سمجهہ وارن کان سواءِ ڪو نصيحت نہ
وٺندو آهي (١٩). جيڪي الله جو انجام پاڙيندا آهن ۽ انجام نہ ڀڃندا
آهن (٢٠). ۽ الله جنهن جي ڳنڍڻ جو حڪم ڪيو تنهن کي جيڪي
(ماڻهو) ڳنڍيندا آهن ۽ پنهنجي پالڻهار کان ڊڄندا آهن ۽ حساب جي
سختيءَ جو ڀؤ ڪندا آهن (٢١). ۽ جن پنهنجي پالڻهار جي رضامندي
حاصل ڪرڻ لاءِ صبر ڪيو ۽ نماز پڙهي ۽ جيڪي کين روزي ڏني سون
تنهن مان ڳجهو ۽ پڌرو خرچيائون ۽ ڀلائيءَ سان برائيءَ ٽاريندا آهن تن لاءِ
آخرت جو گهر آهي (٢٢). (جي) هميشگيءَ وارا باغ آهن اُن ۾ گهڙندا ۽
سندن ابن ڏاڏن ۽ سندن زالن ۽ سندن اولاد مان جيڪي سڌريل هوندا سي
(بہ گهڙندا) ۽ سڀ ڪنهن دروازي کان مٿن ملائڪ گهڙندا (٢٣). (چوندا
تہ) اِنهيءَ ڪري جو (ڏکن ۾) صبر ڪيو هيوَ اوهان تي سلامتي آهي پوءِ
آخرت جو گهر ڀلو آهي (٢٤). ۽ جيڪي الله جو انجام اُن جي پڪي
ڪرڻ کان پوءِ ڀڃندا آهن ۽ الله جن ڪمن جي ڳنڍڻ جو حڪم ڪيو
آهي سو ڇنندا آهن ۽ زمين ۾ فساد وجهندا آهن اُنهن تي لعنت آهي ۽ اُنهن
لاءِ بڇڙو گهر آهي (٢٥). الله جنهن لاءِ گهرندو آهي تنهن لاءِ روزي
ڪشادي ڪندو آهي ۽ تنگ (بہ) ڪندو آهي- ۽ (ڪافر) دنيا جي حياتي
سان خوش ٿيندا آهن- ۽ دنيا جي حياتي آخرت ۾ ٿوري موڙيءَ کان سواءِ
نہ آهي (٢٦).

وَيَقُولُ الَّذِينَ كَفَرُوا لَوْلَا أُنْزِلَ عَلَيْهِ آيَةٌ مِنْ رَبِّهِ ۚ قُلْ إِنَّ اللَّهَ
يُضِلُّ مَنْ يَشَاءُ وَيَهْدِي إِلَيْهِ مَنْ أَنَابَ ﴿٢٧﴾ الَّذِينَ آمَنُوا وَتَطْمَئِنُّ
قُلُوبُهُمْ بِذِكْرِ اللَّهِ ۗ أَلَا بِذِكْرِ اللَّهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوبُ ﴿٢٨﴾ الَّذِينَ آمَنُوا
وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ طُوبَىٰ لَهُمْ وَحُسْنُ مَآبٍ ﴿٢٩﴾ كَذَٰلِكَ أَرْسَلْنَاكَ فِي
أُمَّةٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهَا أُمَمٌ لِتَتْلُوَ عَلَيْهِمُ الَّذِي أَوْحَيْنَا إِلَيْكَ وَ
هُمْ يَكْفُرُونَ بِالرَّحْمَٰنِ ۚ قُلْ هُوَ رَبِّي لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَإِلَيْهِ
مَتَابِ ﴿٣٠﴾ وَلَوْ أَنَّ قُرْآنًا سُيِّرَتْ بِهِ الْجِبَالُ أَوْ قُطِّعَتْ بِهِ الْأَرْضُ
أَوْ كُلِّمَ بِهِ الْمَوْتَىٰ ۗ بَلْ لِلَّهِ الْأَمْرُ جَمِيعًا ۗ أَفَلَمْ يَيْأَسِ الَّذِينَ آمَنُوا أَنْ
لَوْ يَشَاءُ اللَّهُ لَهَدَى النَّاسَ جَمِيعًا ۗ وَلَا يَزَالُ الَّذِينَ كَفَرُوا تُصِيبُهُمْ
بِمَا صَنَعُوا قَارِعَةٌ أَوْ تَحُلُّ قَرِيبًا مِنْ دَارِهِمْ حَتَّىٰ يَأْتِيَ وَعْدُ اللَّهِ ۚ إِنَّ
اللَّهَ لَا يُخْلِفُ الْمِيعَادَ ﴿٣١﴾ وَلَقَدِ اسْتُهْزِئَ بِرُسُلٍ مِنْ قَبْلِكَ فَأَمْلَيْتُ
لِلَّذِينَ كَفَرُوا ثُمَّ أَخَذْتُهُمْ ۖ فَكَيْفَ كَانَ عِقَابِ ﴿٣٢﴾ أَفَمَنْ هُوَ قَائِمٌ
عَلَىٰ كُلِّ نَفْسٍ بِمَا كَسَبَتْ ۗ وَجَعَلُوا لِلَّهِ شُرَكَاءَ قُلْ سَمُّوهُمْ ۚ أَمْ تُنَبِّئُونَهُ
بِمَا لَا يَعْلَمُ فِي الْأَرْضِ أَمْ بِظَاهِرٍ مِنَ الْقَوْلِ ۗ بَلْ زُيِّنَ لِلَّذِينَ كَفَرُوا
مَكْرُهُمْ وَصُدُّوا عَنِ السَّبِيلِ ۗ وَمَنْ يُضْلِلِ اللَّهُ فَمَا لَهُ مِنْ هَادٍ ﴿٣٣﴾

۽ ڪافر چوندا آهن تہ هن جي پالڻھار کان هن تي معجزو ڇو نہ نازل ڪيو ويو آهي؟ (اي پيغمبر! ڪين) چؤ تہ الله جنهن جي لاءِ گھرندو آهي تنهن کي گمراهہ ڪندو آهي ۽ جيڪو موٽيو تنهن کي پاڻ ڏانهن هدايت ڪندو آهي (٢٧). (اِهي اُهي آهن) جن ايمان آندو ۽ سندن دليون الله جي ذڪر سان آرامي ٿينديون آهن- خبردار! الله جي ذڪر سان دليون آرام وٺنديون آهن (٢٨). جن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا تن لاءِ (آخرت ۾) خوشي ۽ چڱي جاءِ آهي (٢٩). اَھڙيءَ طرح توکي هڪ اَھڙي ٽوليءَ ڏانهن جو، بيشڪ کائنئن اَڳ ڪيترين ٽولين گذري ويون آهن، هن لاءِ موڪليو سون تہ جيڪي توڏانهن وحي ڪيوسون سو کين پڙهي ٻڌائين. ۽ اُهي رحمان جا منڪر آهن- (اي پيغمبر! کين) چؤ تہ. اهو منهنجو پالڻھار آهي، اُن کان سواءِ ٻيو ڪو معبود نہ آهي، مٿس ڀروسو ڪيم ۽ ڏانهنس منهنجو موٽڻ آهي (٣٠). ۽ جيڪڏهن سچ پچ قرآن اَھڙو هجي ها جو اُن سان جبل هلائجن ها يا اُن سان زمين ٽُڪر ٽُڪر ڪجي ها يا اُن سان مئلن کي ڳالهرائجي ها (تہ بہ اُهي ايمان نہ آڻين ها)- بلڪ سڀ ڪم الله جي وس ۾ آهن- اِجا مؤمنن نہ ڄاتو آهي ڇا تہ جيڪڏهن الله گھري ها تہ سيني ماڻهن کي هدايت ڪري ها؟ ۽ ڪافرن کي سندن ڪرتوتن سببان سدائين سزا پهچندي آهي يا ايستائين سندن گھرن جي آسپاس پيئي پهچندي جيستائين الله جو اَنجام ايندو، ڇو تہ الله پنهنجي انجام کي نہ ڦيرائيندو آهي (٣١). ۽ (اي پيغمبر) بيشڪ توکان اَڳ پيغمبرن تي ٺٺوليون ڪيون ويون هيون پوءِ ڪافرن کي دِر ڍَنم وري کين پڪڙيم، پوءِ منهنجو عذاب ڪيئن هو! (٣٢). سڀ ڪنهن ماڻهو جيڪي ڪمايو تنهن جي جيڪو خبر رکندڙ هجي (سو بيخبرن بتن جهڙو آهي) ڇا؟ ۽ (ڪافرن) الله جا شريڪ مقرر ڪيا آهن- (اي پيغمبر! کين) چؤ تہ انهن جا نالا بيان ڪريو- يا کيس اُهو ڄڻائيندا آهيو ڇا جيڪي (هو) زمين ۾ نہ ڄاڻندو آهي؟ يا (بنا حقيقت جي الله سان شريڪ ڪرڻ اِهي) ڇڙيون ڳالهيون آهن- بلڪ ڪافرن کي سندن بڇڙو خيال سهڻو ڪري ڏيکاريو ويو آهي ۽ اُهي (سئين) واٽ کان روڪيا ويا آهن ۽ جنهن کي الله گمراهہ ڪري تنهنکي ڪو هدايت ڪرڻ وارو ڪونهي (٣٣).

لَهُمْ عَذَابٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَشَقُّ ۚ وَمَا
لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ وَّاقٍ ﴿۳۴﴾ مَثَلُ الْجَنَّةِ الَّتِيْ وُعِدَ الْمُتَّقُوْنَ ؕ
تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ اُكُلُهَا دَآئِمٌ وَّظِلُّهَا ؕ تِلْكَ عُقْبَى
الَّذِيْنَ اتَّقَوْا ۖۗ وَّعُقْبَى الْكٰفِرِيْنَ النَّارُ ﴿۳۵﴾ وَالَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ
الْكِتٰبَ يَفْرَحُوْنَ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ وَمِنَ الْاَحْزَابِ مَنْ يُّنْكِرُ
بَعْضَهٗ ؕ قُلْ اِنَّمَآ اُمِرْتُ اَنْ اَعْبُدَ اللّٰهَ وَلَآ اُشْرِكَ بِهٖ ؕ اِلَيْهِ
اَدْعُوْا وَاِلَيْهِ مَاٰبِ ﴿۳۶﴾ وَكَذٰلِكَ اَنْزَلْنٰهُ حُكْمًا عَرَبِيًّا ؕ وَلَئِنِ
اتَّبَعْتَ اَهْوَآءَهُمْ بَعْدَ مَا جَآءَكَ مِنَ الْعِلْمِ ۙ مَا لَكَ مِنَ اللّٰهِ
مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا وَاقٍ ﴿۳۷﴾ ع وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلًا مِّنْ قَبْلِكَ وَ
جَعَلْنَا لَهُمْ اَزْوَاجًا وَّذُرِّيَّةً ؕ وَمَا كَانَ لِرَسُوْلٍ اَنْ يَّاْتِيَ
بِاٰيَةٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ لِكُلِّ اَجَلٍ كِتَابٌ ﴿۳۸﴾ يَمْحُوا اللّٰهُ مَا يَشَآءُ
وَيُثْبِتُ ۖۚ وَعِنْدَهٗۤ اُمُّ الْكِتٰبِ ﴿۳۹﴾ وَاِنْ مَّا نُرِيَنَّكَ بَعْضَ
الَّذِيْ نَعِدُهُمْ اَوْ نَتَوَفَّيَنَّكَ فَاِنَّمَا عَلَيْكَ الْبَلٰغُ وَعَلَيْنَا
الْحِسَابُ ﴿۴۰﴾ اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّا نَاْتِي الْاَرْضَ نَنْقُصُهَا مِنْ اَطْرَافِهَا ؕ
وَاللّٰهُ يَحْكُمُ لَا مُعَقِّبَ لِحُكْمِهٖ ؕ وَهُوَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿۴۱﴾

اُنهن لاءِ دنيا جي حياتي ۾ عذاب آهي ۽ بيشڪ آخرت جي سزا ته بلڪل
سخت آهي، ۽ ڪين الله (جي عذاب) کان ڪو بچائڻ وارو نه آهي (٣٤).
جنهن بهشت جو پرهيزگارن سان انجام ڪيو ويو آهي تنهن جو بيان (هي)
آهي ته اُن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن ۽ ان جا ميوا هميشه آهن- ۽ ان
جي ڇانو (سدائين رهندڙ آهي)- پرهيزگارن جي اِها پڇاڙي آهي ۽ ڪافرن
جي پڇاڙي باهه آهي (٣٥). ۽ جن کي ڪتاب ڏنو اٿئون سي جيڪي تو
ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي تنهن سان سرها ٿيندا آهن ۽ (انهن) جماعتن مان
ڪو اهڙو آهي جو اُن جي ڪن (ڳالهين) جو اِنڪار ڪندو آهي- (اي
پيغمبر! ڪين) چؤ ته مون کي اِنهيءَ کان سواءِ ٻيو حڪم نه ڪيو ويو آهي
ته الله جي عبادت ڪريان ۽ ساڻس (ڪنهن کي) شريڪ نه ڪريان-
ڏانهنس (ماڻهن کي) سڏيان ٿو ۽ ڏانهنس منهنجو موٽڻ آهي (٣٦). ۽ اهڙي
طرح اُن (قرآن) کي (هڪ) حڪم (ڪندڙ) عربي (ٻولي) ۾
موڪليوسون ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن تون پاڻ وٽ علم جي اچڻ کان
پوءِ سندن سڌن جي تابعداري ڪندين ته الله وٽان نڪو سنڀاليندڙ ۽ نڪو
بچائيندڙ لهندين (٣٧). ۽ بيشڪ توکان اڳ (ڪيترائي) پيغمبر
موڪلياسون ۽ کين زالون ۽ اولاد ڏنوسون ۽ ڪنهن پيغمبر کي الله جي
حڪم کان سواءِ ڪنهن معجزي آڻڻ جو اختيار نه آهي- هر ڪنهن مدت
لاءِ حڪم لکيل آهي (٣٨). الله ميٽيندو آهي جيڪي گهرندو آهي ۽ ثابت
رکندو آهي جيڪي گهرندو آهي، ۽ وٽس اصل ڪتاب آهي (٣٩). ۽ (اي
پيغمبر!) جيڪو انجام ساڻن ڪريان ٿو (تنهن مان) جيڪڏهن ڪجهه
توکي ڏيکاريان يا توکي ماريان ته (بهرحال) تو تي پيغام پهچائڻ ۽ اسان تي
حساب وٺڻ کان سواءِ (ٻيو ڪجهه) نه آهي (٤٠). اجا نه ڏسندا آهن ڇا
ته اسين زمين کي سندس چوڌاري گهٽائيندا آهيون، ۽ الله حڪم ڪندو
آهي سندس حڪم کي ڪو روڪڻ وارو نه آهي- ۽ اُهو (الله) سگهو
حساب وٺندڙ آهي (٤١).

وَقَدْ مَكَرَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَلِلّٰهِ الْمَكْرُ جَمِيْعًا ؕ يَعْلَمُ
مَا تَكْسِبُ كُلُّ نَفْسٍ ؕ وَسَيَعْلَمُ الْكُفّٰرُ لِمَنْ عُقْبَى الدَّارِ ﴿۴۲﴾
وَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَسْتَ مُرْسَلًا ؕ قُلْ كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًاۢ
بَيْنِيْ وَبَيْنَكُمْ ۙ وَمَنْ عِنْدَهٗ عِلْمُ الْكِتٰبِ ﴿۴۳﴾

## سُوْرَةُ اِبْرٰهِيْمَ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الٓرٰ ۫ كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ اِلَيْكَ لِتُخْرِجَ النَّاسَ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى
النُّوْرِ ۙ۬ بِاِذْنِ رَبِّهِمْ اِلٰى صِرَاطِ الْعَزِيْزِ الْحَمِيْدِ ﴿۱﴾ اللّٰهِ الَّذِيْ لَهٗ مَا
فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَوَيْلٌ لِّلْكٰفِرِيْنَ مِنْ عَذَابٍ شَدِيْدِ ﴿۲﴾
الَّذِيْنَ يَسْتَحِبُّوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا عَلَى الْاٰخِرَةِ وَيَصُدُّوْنَ عَنْ
سَبِيْلِ اللّٰهِ وَيَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ؕ اُولٰٓئِكَ فِيْ ضَلٰلٍ بَعِيْدٍ ﴿۳﴾ وَمَآ
اَرْسَلْنَا مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا بِلِسَانِ قَوْمِهٖ لِيُبَيِّنَ لَهُمْ ؕ فَيُضِلُّ اللّٰهُ
مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۴﴾ وَلَقَدْ
اَرْسَلْنَا مُوْسٰى بِاٰيٰتِنَآ اَنْ اَخْرِجْ قَوْمَكَ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ۙ۵
وَذَكِّرْهُمْ بِاَيّٰىمِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ ﴿۵﴾

۽ جيڪي ڪافرن اگ هئا تن بيشڪ فريب ڪيو پوءِ سڀ بچڙي سزا الله جي هٿ ۾ آهي- هر ماڻهو جيڪا ڪمائي ڪندو آهي (سا الله) ڄاڻندو آهي ۽ ڪافر سگهو ڄاڻندا ته ڪنهن لاءِ آخرت جو گهر آهي (۴۲). ۽ ڪافر چوندا آهن ته تون پيغمبر نه آهين- (ڪين) چؤ ته منهنجي وچ ۾ ۽ اوهان جي وچ ۾ الله شاهد ڪافي آهي ۽ اهي (بہ) جن وٽ ڪتاب جو علم آهي (۴۳).

**سورة ابراهيم مڪي آهي ۽ هي ٻاونجاه آيتون ۽ ست رڪوع آهي**

**الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)**

الر- هيءُ ڪتاب آهي جو (اي پيغمبر!) اُهو اسان تو ڏانهن هن لاءِ نازل ڪيو ته ماڻهن کي اونداهين مان سوجهري ڏانهن ڪڍين ۽ سندن رب جي حڪم سان اُنهي ساراهيل غالب الله جي واٽ تي آڻين (١). جنهن جو اُهو (سڀئي) آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي- ۽ سخت عذاب جي ڪري اُنهن ڪافرن لاءِ ويل آهي (٢). جيڪي دنيا جي حياتيءَ کي آخرت جي حياتي کان وڌيڪ پيارو رکندا آهن ۽ (ماڻهن کي) الله جي واٽ کان جهليندا آهن ۽ اُن جي ڏنگائي گهرندا آهن- اِهي وڏي گمراهيءَ ۾ آهن (٣). ۽ ڪنهن پيغمبر کي سندس قوم جي ٻوليءَ کان سواءِ ٻيءَ (ٻوليءَ) سان نه موڪليوسون (هن لاءِ) ته اُنهن کي (پڌرو) بيان ڪري پوءِ الله جنهن کي گهري تو تنهن کي گمراه ۽ جنهن لاءِ وڻيس تنهن کي هدايت ڪري ٿو- ۽ اُهو غالب حڪمت وارو آهي (۴). ۽ بيشڪ موسيٰ کي پنهنجن معجزن سان موڪليوسون (چيوسون) ته پنهنجي قوم کي اونداهين مان سوجهري ڏانهن ڪڍ ۽ کين الله (جي ڏمر) وارو ڏينهن ياد ڏيار- بيشڪ اُن ۾ هر هڪ صابر شاڪر لاءِ نشانيون آهن (۵).

وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهِ اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ
اَنْجٰىكُمْ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ وَ
يُذَبِّحُوْنَ اَبْنَآءَكُمْ وَيَسْتَحْيُوْنَ نِسَآءَكُمْ ؕ وَفِيْ ذٰلِكُمْ بَلَآءٌ
مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ ﴿٦﴾ وَاِذْ تَاَذَّنَ رَبُّكُمْ لَئِنْ شَكَرْتُمْ
لَاَزِيْدَنَّكُمْ وَلَئِنْ كَفَرْتُمْ اِنَّ عَذَابِيْ لَشَدِيْدٌ ﴿٧﴾ وَقَالَ
مُوْسٰۤى اِنْ تَكْفُرُوْۤا اَنْتُمْ وَمَنْ فِى الْاَرْضِ جَمِيْعًا ۙ فَاِنَّ
اللّٰهَ لَغَنِىٌّ حَمِيْدٌ ﴿٨﴾ اَلَمْ يَاْتِكُمْ نَبَؤُا الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ
قَوْمِ نُوْحٍ وَّعَادٍ وَّثَمُوْدَ ۬ؕ وَالَّذِيْنَ مِنْ بَعْدِهِمْ ؕ لَا
يَعْلَمُهُمْ اِلَّا اللّٰهُ ؕ جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَرَدُّوْۤا
اَيْدِيَهُمْ فِيْۤ اَفْوَاهِهِمْ وَقَالُوْۤا اِنَّا كَفَرْنَا بِمَاۤ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ
وَاِنَّا لَفِيْ شَكٍّ مِّمَّا تَدْعُوْنَنَاۤ اِلَيْهِ مُرِيْبٍ ﴿٩﴾ قَالَتْ رُسُلُهُمْ
اَفِي اللّٰهِ شَكٌّ فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ يَدْعُوْكُمْ
لِيَغْفِرَ لَكُمْ مِّنْ ذُنُوْبِكُمْ وَيُؤَخِّرَكُمْ اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ
قَالُوْۤا اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا ؕ تُرِيْدُوْنَ اَنْ تَصُدُّوْنَا
عَمَّا كَانَ يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَا فَاْتُوْنَا بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿١٠﴾

۽ (ياد ڪر) جڏهن موسىٰ پنهنجي قوم کي چيو تہ پاڻ تي الله جون نعمتون ياد ڪريو جڏهن تہ فرعون جي (اُنهن) ماڻهن کان اوهان کي بچايائين جيڪي اوهان کي سخت عذاب چکائيندا هئا ۽ اوهان جا پٽ ڪهندا هئا ۽ اوهان جون ڌيئرون جيئريون ڇڏيندا هئا۔ ۽ هن ۾ اوهان جي پالڻهار کان اوهان لاءِ وڏي آزمائش هئي (٦). ۽ جڏهن اوهان جي پالڻهار اوهان کي خبردار ڪيو تہ جيڪڏهن اوهين (منهنجو) شڪرانو ڪندؤ تہ اوهان کي ضرور وڌيڪ ڏيندس ۽ جيڪڏهن بي شڪري ڪندؤ تہ بيشڪ منهنجو عذاب سخت آهي (٧). ۽ موسىٰ چيو تہ اوهان جو ۽ سيني جهان وارن جو انڪار ڪرڻ (الله کي ڪجھ نقصان لائي نہ سگهندو) ڇو تہ الله بي پرواھ ساراهيل آهي (٨). اوهان کي اُنهن جي سُڌ نہ پهتي آهي ڇا؟ جيڪي اوهان کان اڳ نوح ۽ عاد ۽ ثمود جي قوم هئا۔ ۽ جيڪي کانئن پوءِ هئا۔ جن کي الله کان سواءِ ڪوئي نہ ڄاڻندو آهي۔ سندن پيغمبر وٽن پڌرن معجزن سان آيا پوءِ پنهنجا هٿ پنهنجن واتن ۾ ورايائون ۽ چيائون تہ جنهن شيءِ سان اوهان کي موڪليو ويو آهي تنهن جا اسين منڪر آهيون ۽ جنهن ڏانهن اوهين اسان کي سڏيندا آهيو تنهن کان اسين سخت شڪ ۾ پيل آهيون (٩). سندن پيغمبرن چيو تہ (اوهان کي) آسمانن ۽ زمين جي بڻائيندڙ الله جي بابت ڪو شڪ آهي ڇا؟ (اُهو) اوهان کي هن لاءِ سڏيندو آهي تہ اوهان جا گناہ اوهان کي بخشي ۽ ٺهرايل مدت تائين اوهان کي مهلت ڏئي۔ چيائون تہ اوهين بہ اسان جهڙا ماڻهو آهيو (تنهن ڪري اوهان جي چوڻ تي ڪيئن لڳون)۔ جن کي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا هئا تن کان اسان کي جهلڻ جو ارادو رکندا آهيو (جي سچا آهيو) تہ اسان وٽ ڪو پڌرو دليل آڻيو (١٠).

قَالَتْ لَهُمْ رُسُلُهُمْ اِنْ نَّحْنُ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَمُنُّ
عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ؕ وَمَا كَانَ لَنَاۤ اَنْ نَّاْتِيَكُمْ بِسُلْطٰنٍ
اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿١١﴾ وَمَا لَنَاۤ اَلَّا
نَتَوَكَّلَ عَلَى اللّٰهِ وَقَدْ هَدٰىنَا سُبُلَنَا ؕ وَلَنَصْبِرَنَّ عَلٰى مَاۤ
اٰذَيْتُمُوْنَا ؕ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُتَوَكِّلُوْنَ ﴿١٢﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ
كَفَرُوْا لِرُسُلِهِمْ لَنُخْرِجَنَّكُمْ مِّنْ اَرْضِنَاۤ اَوْ لَتَعُوْدُنَّ فِىْ مِلَّتِنَا ؕ
فَاَوْحٰۤى اِلَيْهِمْ رَبُّهُمْ لَنُهْلِكَنَّ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٣﴾ وَلَنُسْكِنَنَّكُمُ الْاَرْضَ
مِنْۢ بَعْدِهِمْ ؕ ذٰلِكَ لِمَنْ خَافَ مَقَامِىْ وَخَافَ وَعِيْدِ ﴿١٤﴾ وَاسْتَفْتَحُوْا
وَخَابَ كُلُّ جَبَّارٍ عَنِيْدٍ ﴿١٥﴾ مِّنْ وَّرَآئِهٖ جَهَنَّمُ وَيُسْقٰى مِنْ مَّآءٍ
صَدِيْدٍ ﴿١٦﴾ يَّتَجَرَّعُهٗ وَلَا يَكَادُ يُسِيْغُهٗ وَيَاْتِيْهِ الْمَوْتُ مِنْ كُلِّ
مَكَانٍ وَّمَا هُوَ بِمَيِّتٍ ؕ وَمِنْ وَّرَآئِهٖ عَذَابٌ غَلِيْظٌ ﴿١٧﴾ مَثَلُ الَّذِيْنَ
كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ اَعْمَالُهُمْ كَرَمَادِ نِ اشْتَدَّتْ بِهِ الرِّيْحُ فِىْ يَوْمٍ عَاصِفٍ ؕ
لَا يَقْدِرُوْنَ مِمَّا كَسَبُوْا عَلٰى شَىْءٍ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الضَّلٰلُ الْبَعِيْدُ ﴿١٨﴾
اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ ؕ اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ
وَيَاْتِ بِخَلْقٍ جَدِيْدٍ ﴿١٩﴾ وَّمَا ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ بِعَزِيْزٍ ﴿٢٠﴾

سندن پيغمبرن کين چيو تہ اسين (بہ) اوهان جهڙائي ماڻهو آهيون پر الله پنهنجن ٻانهن مان جنهن جي لاءِ گهرندو آهي تنهن تي احسان ڪندو آهي ۽ الله جي حڪم کان سواءِ اوهان وٽ ڪنهن دليل جي آڻڻ جي اسان کي ڪا سگهہ نہ آهي۔ ۽ مؤمنن کي جڳائي تہ الله تي ڀروسو ڪن (١١). ۽ اسان کي ڇا (ٿيو) آهي تہ الله تي ڀروسو نہ ڪريون ۽ بيشڪ اسان کي اسان جي سڌن رستن جي هدايت ڪيائين ۽ جيڪي اسان کي ڏکوئيندا آهيو تنهن تي اسين ضرور صبر ڪنداسون۔ ۽ ڀروسي ڪندڙن کي الله تي ڀروسو ڪرڻ جڳائي (١٢). ۽ ڪافرن پنهنجن پيغمبرن کي چيو تہ اوهان کي پنهنجي ملڪ مان لوڌينداسون يا اسان جي دين ڏانهن ضرور موٽو پوءِ سندن پالڻهار اُنهن ڏانهن وحي ڪيو تہ ظالمن کي ضرور ناس ڪنداسون (١٣). ۽ اُنهن کان پوءِ ملڪ ۾ اوهان کي ضرور رهائينداسين اهو (انجام) اُنهيءَ لاءِ آهي جيڪو منهنجي اڳيان بيهڻ کان ڊڄي ۽ منهنجي دڙڪي کان ڊڄي (١٤). ۽ (پيغمبرن) سوڀ جون دعائون گهريون ۽ هر هٺيلو ضدي نامراد ٿيو (١٥). اُن جي پويان دوزخ آهي ۽ اُن کي پُونءَ جو پاڻي پياريو ويندو (١٦). اُن کي ڍُڪ ڍُڪ ڪري پيئندو ۽ اُن کي ڳيت ڏيئي پي نہ سگهندو ۽ هر ڪنهن پاسي کان موت ايندس ۽ هو مئل نہ هوندو۔ ۽ اُن جي پويان سخت عذاب آهي (١٧). جن پنهنجي پالڻهار کان انڪار ڪيو تن جي ڪرتوتن جو مثال اُنهيءَ ڪيريءَ جهڙو آهي جنهن کي آنڌي واري ڏينهن ۾ (سخت) واءُ اُڏائي۔ جيڪي ڪمايائون تنهن جي ذري تي پهچي نہ سگهندا، اهائي وڏي گمراهي آهي (١٨). (اي پيغمبر!) نہ ڏٺو اٿيئي ڇا تہ الله آسمانن ۽ زمين کي رٿ سان بڻايو آهي؟ جيڪڏهن وٽيس تہ اوهان کي نِئي ۽ ٻي نئين خلق آڻي (١٩). ۽ اِهو (ڪرڻ) الله تي اوکو نہ آهي (٢٠).

وَبَرَزُوْا لِلّٰهِ جَمِيْعًا فَقَالَ الضُّعَفٰٓؤُا لِلَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْٓا اِنَّا
كُنَّا لَكُمْ تَبَعًا فَهَلْ اَنْتُمْ مُّغْنُوْنَ عَنَّا مِنْ عَذَابِ اللّٰهِ مِنْ
شَيْءٍ ؕ قَالُوْا لَوْ هَدٰىنَا اللّٰهُ لَهَدَيْنٰكُمْ ؕ سَوَآءٌ عَلَيْنَآ اَجَزِعْنَآ اَمْ
صَبَرْنَا مَا لَنَا مِنْ مَّحِيْصٍ ﴿٢١﴾ وَقَالَ الشَّيْطٰنُ لَمَّا قُضِيَ الْاَمْرُ
اِنَّ اللّٰهَ وَعَدَكُمْ وَعْدَ الْحَقِّ وَوَعَدْتُّكُمْ فَاَخْلَفْتُكُمْ ؕ وَمَا كَانَ
لِيَ عَلَيْكُمْ مِّنْ سُلْطٰنٍ اِلَّآ اَنْ دَعَوْتُكُمْ فَاسْتَجَبْتُمْ لِيْ ۚ فَلَا
تَلُوْمُوْنِيْ وَلُوْمُوْٓا اَنْفُسَكُمْ ؕ مَآ اَنَا بِمُصْرِخِكُمْ وَمَآ اَنْتُمْ بِمُصْرِخِيَّ ؕ
اِنِّيْ كَفَرْتُ بِمَآ اَشْرَكْتُمُوْنِ مِنْ قَبْلُ ؕ اِنَّ الظّٰلِمِيْنَ لَهُمْ
عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٢٢﴾ وَاُدْخِلَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ
جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا بِاِذْنِ رَبِّهِمْ ؕ
تَحِيَّتُهُمْ فِيْهَا سَلٰمٌ ﴿٢٣﴾ اَلَمْ تَرَ كَيْفَ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا كَلِمَةً
طَيِّبَةً كَشَجَرَةٍ طَيِّبَةٍ اَصْلُهَا ثَابِتٌ وَّفَرْعُهَا فِي السَّمَآءِ ﴿٢٤﴾
تُؤْتِيْٓ اُكُلَهَا كُلَّ حِيْنٍۢ بِاِذْنِ رَبِّهَا ؕ وَيَضْرِبُ اللّٰهُ الْاَمْثَالَ
لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٥﴾ وَمَثَلُ كَلِمَةٍ خَبِيْثَةٍ كَشَجَرَةٍ
خَبِيْثَةِ ۨاجْتُثَّتْ مِنْ فَوْقِ الْاَرْضِ مَا لَهَا مِنْ قَرَارٍ ﴿٢٦﴾

۽ مرڻيءَ الله جي اڳيان حاضر ٿيندا پوءِ هيٺا هٺيلن کي چوندا تہ اسين اوهان جي پٺيان لڳا هئاسون پوءِ اوهين الله جي عذاب مان ڪجھ اسان کان ٽارڻ وارا آهيو ڇا؟ (هٺيلا) چوندا تہ الله اسان کي هدايت ڪري ها تہ اسين بہ اوهان کي هدايت ڪريون ها۔ (هاڻي) اسان جو رئڻ رڙڻ يا اسان جو صبر ڪرڻ اسان لاءِ هڪ جهڙو آهي اسان کي ڪا واه نہ آهي (٢١). ۽ جڏهن ڪم پورو ڪيو ويندو تڏهن شيطان چوندو تہ الله اوهان سان سچو انجام ڪيو هو ۽ مون اوهان سان (ڪوڙو) وعدو ڪيو هو پوءِ اوهان سان نہ پاڙيم۔ مون کي اوهان تي اوهان جي سڏڻ کان سواءِ (ٻيو ڪو) زور نہ هو پوءِ اوهان منهنجو چيو قبول ڪيو، تنهن ڪري مون کي ملامت نہ ڪريو۔ ۽ (هاڻي) پاڻ کي ڦٽ لعنت ڪريو۔ آءٌ اوهان جي دانهن ورنائڻ وارو نہ آهيان ۽ نڪي اوهين منهنجي دانهن ٻڌڻ وارا آهيو۔ اوهان اڳي مون کي (الله) جو شريڪ بڻايو هو تنهن کان آءٌ بيزار آهيان۔ ڇو تہ ظالمن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (٢٢). ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا سي (اُنهن) باغن ۾ داخل ڪيا ويندا جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن پنهنجي پالڻهار جي موڪل سان منجهن سدائين رهندڙ آهن۔ منجهس سندن ڪيڪار سلام آهي (٢٣). (اي پيغمبر!) توکي معلوم نہ آهي ڇا؟ تہ الله ڪهڙو مثال بيان ڪيو آهي پاڪ ڪلمون (اهڙي) پاڪ وڻ وانگر آهي جنهن جي پاڙ مضبوط هجي ۽ سندس ٽاريون آسمان ۾ هجن (٢٤). پنهنجي پالڻهار جي حڪم سان هر وقت پنهنجا ميوا ڏيندو هجي۔ ۽ الله ماڻهن لاءِ مثال بيان ڪندو آهي تہ مانَ اُهي نصيحت وٺن (٢٥). ۽ بڇڙي لفظ جو مثال (اهڙي) بڇڙي وڻ وانگر آهي جو زمين تان پٽيو ويو اُن کي ڪو (پڪي پاڙ جو) ٽڪاءُ نہ آهي (٢٦).

يُثَبِّتُ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِالْقَوْلِ الثَّابِتِ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا
وَفِي الْاٰخِرَةِ ۚ وَيُضِلُّ اللّٰهُ الظّٰلِمِيْنَ ۙ وَيَفْعَلُ اللّٰهُ مَا يَشَآءُ ﴿۲۷﴾
اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ بَدَّلُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ كُفْرًا وَّاَحَلُّوْا قَوْمَهُمْ
دَارَ الْبَوَارِ ﴿۲۸﴾ جَهَنَّمَ ۚ يَصْلَوْنَهَا ۭ وَبِئْسَ الْقَرَارُ ﴿۲۹﴾ وَجَعَلُوْا لِلّٰهِ
اَنْدَادًا لِّيُضِلُّوْا عَنْ سَبِيْلِهٖ ۭ قُلْ تَمَتَّعُوْا فَاِنَّ مَصِيْرَكُمْ
اِلَى النَّارِ ﴿۳۰﴾ قُلْ لِّعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يُقِيْمُوا الصَّلٰوةَ
وَيُنْفِقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ سِرًّا وَّعَلَانِيَةً مِّنْ قَبْلِ اَنْ
يَّاْتِيَ يَوْمٌ لَّا بَيْعٌ فِيْهِ وَلَا خِلٰلٌ ﴿۳۱﴾ اَللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ
السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَاَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَخْرَجَ بِهٖ
مِنَ الثَّمَرٰتِ رِزْقًا لَّكُمْ ۚ وَسَخَّرَ لَكُمُ الْفُلْكَ لِتَجْرِيَ فِي الْبَحْرِ
بِاَمْرِهٖ ۚ وَسَخَّرَ لَكُمُ الْاَنْهٰرَ ﴿۳۲﴾ وَسَخَّرَ لَكُمُ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ
دَآىِٕبَيْنِ ۚ وَسَخَّرَ لَكُمُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ ﴿۳۳﴾ وَاٰتٰىكُمْ مِّنْ كُلِّ مَا
سَاَلْتُمُوْهُ ۭ وَاِنْ تَعُدُّوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ لَا تُحْصُوْهَا ۭ اِنَّ الْاِنْسَانَ
لَظَلُوْمٌ كَفَّارٌ ﴿۳۴﴾ وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهِيْمُ رَبِّ اجْعَلْ هٰذَا
الْبَلَدَ اٰمِنًا وَّاجْنُبْنِيْ وَبَنِيَّ اَنْ نَّعْبُدَ الْاَصْنَامَ ۭ ﴿۳۵﴾

جن ايمان آندو تن کي الله دنيا جي حياتي ۾ ۽ آخرت ۾ پڪي قول سان مضبوط رکندو آهي، ۽ الله ظالمن کي گمراهه ڪندو آهي، ۽ الله جيڪي گهرندو آهي سو ڪندو آهي (٢٧). (اي پيغمبر!) توکي اُهي معلوم نہ آهن ڇا جن بي شڪريءَ سببان الله جي نعمتن کي مٽايو ۽ پنهنجي قوم کي تباهيءَ جي گهر ۾ وڌو (٢٨). دوزخ (۾)، اُهي منجهس گهڙندا۔ اُهو بڇڙو ٽڪاڻو آهي (٢٩). ۽ الله سان شريڪ مقرر ڪيائون تہ سندس واٽ کان (ماڻهن کي) ڀلائين۔ (اي پيغمبر! ڪين) چؤ تہ اوهين مزا ماڻي وٺو ڇو تہ اوهان جو (دوزخ جي) باهه ڏانهن موٽڻ آهي (٣٠). (اي پيغمبر!) منهنجن انهن ٻانهن کي چؤ جن ايمان آندو آهي تہ نماز پڙهندا رهن ۽ جيڪي ڪين رزق ڏنو اٿئون تنهن منجهان ڳجهو ۽ پڌرو اُن ڏينهن جي اچڻ کان اڳ (الله جي واٽ ۾) خرچ ڪندا رهن جنهن ۾ نہ ڪو واپار ۽ نہ ڪا ياراڻي هوندي (٣١). الله اُهو آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي بڻايو ۽ آسمان کان (مينهن جو) پاڻي وسايو پوءِ اُن سان (سڀ ڪنهن جنس جي) ميون مان اوهان جي روزي ڪڍيائين، اوهان کي ٻيڙيون هن لاءِ نوائي ڏنائين تہ سندس حڪم سان سمنڊ ۾ ترنديون رهن، ۽ اوهان کي نديون (بہ) نوائي ڏنائين (٣٢). ۽ اوهان لاءِ سدائين هلندڙ سج ۽ چنڊ نوائي ڏنائين، ۽ اوهان لاءِ رات ۽ ڏينهن نوائي ڏنائين (٣٣). ۽ جيڪا شيءِ ڪانئس گهريوَ تنهن سڀ مان ڪجهه اوهان کي ڏنائين، ۽ جيڪڏهن الله جي نعمتن کي ڳڻيندؤ تہ اُهي ڳڻي نہ سگهندؤ، بيشڪ انسان ضرور بي انصاف بي شڪر آهي (٣٤). ۽ (ياد ڪر) جڏهن ابراهيم چيو تہ اي منهنجا پالڻهار! هن شهر (مڪي) کي امن وارو ڪر ۽ مون کي ۽ منهنجي اولاد کي بتن جي پوڄڻ کان پاسي ڪر (٣٥).

رَبِّ اِنَّهُنَّ اَضْلَلْنَ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ ۚ فَمَنْ
تَبِعَنِيْ فَاِنَّهٗ مِنِّيْ ۚ وَمَنْ عَصَانِيْ فَاِنَّكَ غَفُوْرٌ
رَّحِيْمٌ ﴿٣٦﴾ رَبَّنَآ اِنِّيْٓ اَسْكَنْتُ مِنْ ذُرِّيَّتِيْ بِوَادٍ غَيْرِ
ذِيْ زَرْعٍ عِنْدَ بَيْتِكَ الْمُحَرَّمِ ۙ رَبَّنَا لِيُقِيْمُوا
الصَّلٰوةَ فَاجْعَلْ اَفْـِٕدَةً مِّنَ النَّاسِ تَهْوِيْٓ اِلَيْهِمْ
وَارْزُقْهُمْ مِّنَ الثَّمَرٰتِ لَعَلَّهُمْ يَشْكُرُوْنَ ﴿٣٧﴾ رَبَّنَآ
اِنَّكَ تَعْلَمُ مَا نُخْفِيْ وَمَا نُعْلِنُ ؕ وَمَا يَخْفٰى عَلَى اللّٰهِ
مِنْ شَيْءٍ فِي الْاَرْضِ وَلَا فِي السَّمَآءِ ﴿٣٨﴾ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ
وَهَبَ لِيْ عَلَى الْكِبَرِ اِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ ؕ اِنَّ رَبِّيْ لَسَمِيْعُ
الدُّعَآءِ ﴿٣٩﴾ رَبِّ اجْعَلْنِيْ مُقِيْمَ الصَّلٰوةِ وَمِنْ ذُرِّيَّتِيْ ۖق
رَبَّنَا وَتَقَبَّلْ دُعَآءِ ﴿٤٠﴾ رَبَّنَا اغْفِرْ لِيْ وَلِوَالِدَيَّ
وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ يَوْمَ يَقُوْمُ الْحِسَابُ ﴿٤١﴾ ع وَلَا تَحْسَبَنَّ
اللّٰهَ غَافِلًا عَمَّا يَعْمَلُ الظّٰلِمُوْنَ ۬ؕ اِنَّمَا يُؤَخِّرُهُمْ
لِيَوْمٍ تَشْخَصُ فِيْهِ الْاَبْصَارُ ۙ﴿٤٢﴾ مُهْطِعِيْنَ مُقْنِعِيْ
رُءُوْسِهِمْ لَا يَرْتَدُّ اِلَيْهِمْ طَرْفُهُمْ ۚ وَاَفْـِٕدَتُهُمْ هَوَآءٌ ؕ﴿٤٣﴾

اي منهنجا پالڻهار! اُنهن (بتن) ماڻهن مان گهڻن کي ڀلايو آهي، پوءِ جيڪو منهنجي پويان لڳو سو بيشڪ منهنجو آهي، ۽ جنهن منهنجي نافرماني ڪئي ته بيشڪ تون بخشڻهار مهربان آهين (٣٦). اي اسان جا پالڻهار! مون پنهنجي اولاد مان ڪن کي غيرآباد ميدان ۾ تنهنجي تعظيم واري گهر (بيت الله) وٽ هن لاءِ ٽڪايو آهي ته اي اسان جا پالڻهار! اُهي نماز پڙهن پوءِ ڪن ماڻهن جون دليون اُنهن ڏانهن لڙنديون ڪر ۽ کين ميون جي روزي ڏي ته مانَ اُهي شڪرانو ڪن (٣٧). اي اسان جا پالڻهار! جيڪي (اسين) ڳجهو ڪريون ٿا ۽ جيڪي پڌرو ڪريون ٿا سو تون ڄاڻندو آهين- ۽ ڪا شيءِ نڪي زمين ۾ ۽ نڪي آسمان ۾ الله کان ڳجهي آهي (٣٨). سڀ ساراهه اُنهي الله کي جنهن مون کي ٻڍاپي ۾ اسماعيل ۽ اسحاق عطا ڪيو، ڇو ته منهنجو پالڻهار ضرور دعا ٻڌندڙ آهي (٣٩). اي منهنجا پالڻهار! مون کي ۽ منهنجي اولاد مان ڪن کي نماز پڙهندڙ ڪر ۽ اي اسان جا پالڻهار! منهنجي دعا قبول ڪر (٤٠). اي اسان جا پالڻهار! مون کي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ کي ۽ مؤمن ماڻهن کي (اُنهيءَ ڏينهن) بخش جنهن ڏينهن حساب قائم ٿيندو (٤١). ۽ جيڪي ظالم ڪندا آهن تنهن کان الله کي بي خبر هرگز نه ڀانءِ الله کين رڳو اُنهي (ڏينهن) تائين ڍر ڏني آهي جنهن ڏينهن اکيون ٽڙيون وينديون (٤٢). پنهنجا ڳاٽ کڻندڙ تڪڙا ڊوڙندڙ هوندا! پاڻ ڏانهن سندن نظر وري نه سگهندي، ۽ سندن دلون پيون دهڪنديون (٤٣).

وَاَنْذِرِ النَّاسَ يَوْمَ يَاْتِيْهِمُ الْعَذَابُ فَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ
ظَلَمُوْا رَبَّنَاۤ اَخِّرْنَاۤ اِلٰۤى اَجَلٍ قَرِيْبٍۙ نُّجِبْ دَعْوَتَكَ وَنَتَّبِعِ
الرُّسُلَؕ اَوَلَمْ تَكُوْنُوْۤا اَقْسَمْتُمْ مِّنْ قَبْلُ مَا لَكُمْ مِّنْ زَوَالٍۙ ﴿٤٤﴾ وَّسَكَنْتُمْ
فِيْ مَسٰكِنِ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ وَتَبَيَّنَ لَكُمْ كَيْفَ فَعَلْنَا بِهِمْ
وَضَرَبْنَا لَكُمُ الْاَمْثَالَ ﴿٤٥﴾ وَقَدْ مَكَرُوْا مَكْرَهُمْ وَعِنْدَ اللّٰهِ مَكْرُهُمْؕ
وَاِنْ كَانَ مَكْرُهُمْ لِتَزُوْلَ مِنْهُ الْجِبَالُ ﴿٤٦﴾ فَلَا تَحْسَبَنَّ اللّٰهَ مُخْلِفَ
وَعْدِهٖ رُسُلَهٗؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ ذُو انْتِقَامٍؕ ﴿٤٧﴾ يَوْمَ تُبَدَّلُ الْاَرْضُ
غَيْرَ الْاَرْضِ وَالسَّمٰوٰتُ وَبَرَزُوْا لِلّٰهِ الْوَاحِدِ الْقَهَّارِ ﴿٤٨﴾ وَتَرَى
الْمُجْرِمِيْنَ يَوْمَئِذٍ مُّقَرَّنِيْنَ فِي الْاَصْفَادِۚ ﴿٤٩﴾ سَرَابِيْلُهُمْ مِّنْ
قَطِرَانٍ وَّتَغْشٰى وُجُوْهَهُمُ النَّارُۙ ﴿٥٠﴾ لِيَجْزِيَ اللّٰهُ كُلَّ نَفْسٍ مَّا
كَسَبَتْؕ اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿٥١﴾ هٰذَا بَلٰغٌ لِّلنَّاسِ وَلِيُنْذَرُوْا
بِهٖ وَلِيَعْلَمُوْۤا اَنَّمَا هُوَ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ وَّلِيَذَّكَّرَ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿٥٢﴾ ع

## سُوْرَةُ الْحِجْرِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الٓرٰ قف تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ وَقُرْاٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿١﴾

۽ (اي پيغمبر!) ماڻهن کي اُن ڏينهن کان ڊيڄار (جنهن ڏينهن) کين عذاب پهچندو پوءِ ظالم چوندا ته اي اسان جا پالڻهار! اسان کي ويجهيءَ مدت تائين مهلت ڏي ته تنهنجي سڏ کي قبول ڪريون ۽ پيغمبرن جي فرمانبرداري ڪريون- (چيو ويندن ته) هن کان اڳ اوهين قسم نه ڪندا هيؤ ڇا ته اوهان کي ڪا زوالي نه ٿيندي؟ (۴۴). ۽ اوهين انهن جي جاين ۾ ٽڪيؤ جن پاڻ تي ظلم ڪيو ۽ اوهان لاءِ واضح ٿيو ته اُنهن سان ڪيئن ڪيوسون ۽ اوهان لاءِ ڪيئي مثال بيان ڪياسون (۴۵). ۽ بيشڪ اُنهن پنهنجو (وڏو) مڪر ڪيو ۽ الله وٽ سندن مڪر (جي سزا) آهي- ۽ سندن مڪر ڪو اهڙو نه آهي جنهن سان جبل (پنهنجي جاين کان) هٽي وڃن (۴٦). پوءِ (اي پيغمبر!) الله کي پنهنجن پيغمبرن ساڻ پنهنجي وعدي جي خلافي ڪندڙ هرگز نه ڀانءِ ڇو ته الله زبردست (اُن ڏينهن) بدلي وٺڻ وارو آهي (۴۷). جنهن ڏينهن هيءَ زمين متائي ٻي زمين ڪئي ويندي ۽ آسمان (ٻه). ۽ (سڀ ماڻهو) الله هڪڙي (۽) زبردست جي آڏو ٿيندا (۴۸). ۽ اُن ڏينهن ڏوهارن کي زنجيرن ۾ ٻڌل ڏسندين (۴۹). سندن ڪپڙا گندرف مان هوندا ۽ سندن منهن کي باه وڪوڙيندين (۵۰). هن لاءِ ته هر هڪ ماڻهو جيڪي ڪمايو تنهن جو اُن کي الله بدلو ڏئي- بيشڪ الله جلد حساب ڪندڙ آهي (۵۱). اِهو (قرآن) ماڻهن کي پهچائڻو آهي ۽ ته اُن سان ڊيڄاريا وڃن ۽ ڄاڻن ته اُهيءَ هڪ الله کان سواءِ ٻيو ڪو معبود نه آهي ۽ عقل وارا نصيحت وٺن (۵۲).

سورة حجر مڪي آهي ۽ هيءَ نوانوي آيتون ۽ ڇه رڪوع آهي.

**الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)**

الر- هي آيتون (هن) ڪتاب ۽ چِٽي قرآن جون آهن (۱).

رُبَمَا يَوَدُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ كَانُوْا مُسْلِمِيْنَ ﴿٢﴾
ذَرْهُمْ يَاْكُلُوْا وَيَتَمَتَّعُوْا وَيُلْهِهِمُ الْاَمَلُ فَسَوْفَ
يَعْلَمُوْنَ ﴿٣﴾ وَمَآ اَهْلَكْنَا مِنْ قَرْيَةٍ اِلَّا وَلَهَا كِتَابٌ
مَّعْلُوْمٌ ﴿٤﴾ مَا تَسْبِقُ مِنْ اُمَّةٍ اَجَلَهَا وَمَا يَسْتَاْخِرُوْنَ ﴿٥﴾ وَ
قَالُوْا يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْ نُزِّلَ عَلَيْهِ الذِّكْرُ اِنَّكَ لَمَجْنُوْنٌ ﴿٦﴾ لَوْ
مَا تَاْتِيْنَا بِالْمَلٰٓئِكَةِ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٧﴾ مَا نُنَزِّلُ
الْمَلٰٓئِكَةَ اِلَّا بِالْحَقِّ وَمَا كَانُوْٓا اِذًا مُّنْظَرِيْنَ ﴿٨﴾ اِنَّا نَحْنُ
نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَاِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ ﴿٩﴾ وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مِنْ
قَبْلِكَ فِيْ شِيَعِ الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٠﴾ وَمَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا
كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿١١﴾ كَذٰلِكَ نَسْلُكُهٗ فِيْ قُلُوْبِ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿١٢﴾
لَا يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ وَقَدْ خَلَتْ سُنَّةُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٣﴾ وَلَوْ فَتَحْنَا
عَلَيْهِمْ بَابًا مِّنَ السَّمَآءِ فَظَلُّوْا فِيْهِ يَعْرُجُوْنَ ﴿١٤﴾ لَقَالُوْٓا اِنَّمَا سُكِّرَتْ
اَبْصَارُنَا بَلْ نَحْنُ قَوْمٌ مَّسْحُوْرُوْنَ ﴿١٥﴾ وَلَقَدْ جَعَلْنَا فِي السَّمَآءِ
بُرُوْجًا وَّزَيَّنّٰهَا لِلنّٰظِرِيْنَ ﴿١٦﴾ وَحَفِظْنٰهَا مِنْ كُلِّ شَيْطٰنٍ
رَّجِيْمٍ ﴿١٧﴾ اِلَّا مَنِ اسْتَرَقَ السَّمْعَ فَاَتْبَعَهٗ شِهَابٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٨﴾

ڪافر گھڻو ئي (ھيءَ) خواھش ڪندا تہ جيڪر مسلمان ھجون ھا! (٢). (اي پيغمبر!) کين ڇڏي ڏي تہ (دنيا ۾) کائين ۽ (لذتن ۾) مزا ماڻي وٺن ۽ کين اميد غافل ڪري ڇڏي پوءِ سگھوئي ڄاڻندا (٣). ۽ ڪنھن ڳوٺ کي ويران نہ ڪيوسون پر (سندن بچڻ ڪمن جي ڪري) اُن لاءِ مقرر حڪم ڪيل ھو (٤). ڪائي قوم پنھنجي مقرر مدت کان نڪي اڳرائي ڪندي ۽ نڪي پوئتي رھي سگھندي (٥). ۽ (ڪافرن) چيو تہ اي جنھن تي قرآن لاٿو ويو آھي! بيشڪ تون پڪ چريو آھين (٦). جيڪڏھن تون سچن مان آھين تہ اسان وٽ ملائڪ ڇو نہ آڻيندو آھين؟ (٧). (اي پيغمبر!) کين چؤ تہ ملائڪ پڪي رٿ کان سواءِ نازل نہ ڪندا آھيون ۽ (جيڪڏھن نازل ڪريون ۽ نہ مڃين تہ) اُنھيءَ مھل اُنھن کي مھلت نہ ڏني ويندي (٨). اسان ئي نصيحت (يعني قرآن) نازل ڪيو ۽ اسين ئي سندس ضرور حفاظت ڪندڙ آھيون (٩). ۽ بيشڪ توکان اڳي پھرين ٽولين ۾ پيغمبر موڪلياسون (١٠). ۽ ڪو پيغمبر وٽن نہ ايندو ھو جو اُنھيءَ سان ٺٺوليون ڪرڻ کان سواءِ (ٻيو ڪجھ) نہ ڪندا ھئا (١١). ۽ اھڙي طرح ڏوھارين جي دلين ۾ (اھڙو خيال) وجھندا آھيون (١٢). جو اُن کي نہ مڃيندا ۽ بيشڪ اڳين جي ريت ھلي ايندي آھي (١٣). ۽ جيڪڏھن آسمان مان ڪو دروازو مٿن کوليون ھا پوءِ اُن ۾ سدائين مٿي چڙھندا رھن ھا (١٤). تڏھن بہ ضرور چون ھا تہ رڳو اسان جون اکيون منديون ويون آھن بلڪ اسين جادو ڪيل قوم آھيون (١٥). ۽ بيشڪ آسمان ۾ برج بڻاياسون ۽ اُن کي ڏسندڙن لاءِ سينگاريوسون (١٦). ۽ اُن کي ھرڪنھن تڙيل شيطان کان بچايوسون (١٧). پر جيڪو چوريءَ ڪن ڏئي تنھن جي ڪڍ چٽو اُلانبو پوندو آھي (١٨).

وَالْاَرْضَ مَدَدْنٰهَا وَاَلْقَيْنَا فِيْهَا رَوَاسِيَ وَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا
مِنْ كُلِّ شَيْءٍ مَّوْزُوْنٍ ﴿۱۹﴾ وَجَعَلْنَا لَكُمْ فِيْهَا مَعَايِشَ وَمَنْ
لَّسْتُمْ لَهٗ بِرٰزِقِيْنَ ﴿۲۰﴾ وَاِنْ مِّنْ شَيْءٍ اِلَّا عِنْدَنَا خَزَآئِنُهٗ وَمَا
نُنَزِّلُهٗۤ اِلَّا بِقَدَرٍ مَّعْلُوْمٍ ﴿۲۱﴾ وَاَرْسَلْنَا الرِّيٰحَ لَوَاقِحَ فَاَنْزَلْنَا
مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَسْقَيْنٰكُمُوْهُ وَمَآ اَنْتُمْ لَهٗ بِخٰزِنِيْنَ ﴿۲۲﴾ وَ
اِنَّا لَنَحْنُ نُحْيٖ وَنُمِيْتُ وَنَحْنُ الْوٰرِثُوْنَ ﴿۲۳﴾ وَلَقَدْ عَلِمْنَا
الْمُسْتَقْدِمِيْنَ مِنْكُمْ وَلَقَدْ عَلِمْنَا الْمُسْتَاْخِرِيْنَ ﴿۲۴﴾ وَاِنَّ
رَبَّكَ هُوَ يَحْشُرُهُمْ اِنَّهٗ حَكِيْمٌ عَلِيْمٌ ﴿۲۵﴾ وَلَقَدْ خَلَقْنَا
الْاِنْسَانَ مِنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ ﴿۲۶﴾ وَالْجَآنَّ
خَلَقْنٰهُ مِنْ قَبْلُ مِنْ نَّارِ السَّمُوْمِ ﴿۲۷﴾ وَاِذْ قَالَ رَبُّكَ
لِلْمَلٰٓئِكَةِ اِنِّيْ خَالِقٌۢ بَشَرًا مِّنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ ﴿۲۸﴾
فَاِذَا سَوَّيْتُهٗ وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ فَقَعُوْا لَهٗ سٰجِدِيْنَ ﴿۲۹﴾
فَسَجَدَ الْمَلٰٓئِكَةُ كُلُّهُمْ اَجْمَعُوْنَ ﴿۳۰﴾ اِلَّآ اِبْلِيْسَ اَبٰۤى اَنْ يَّكُوْنَ مَعَ
السّٰجِدِيْنَ ﴿۳۱﴾ قَالَ يٰۤاِبْلِيْسُ مَا لَكَ اَلَّا تَكُوْنَ مَعَ السّٰجِدِيْنَ ﴿۳۲﴾ قَالَ
لَمْ اَكُنْ لِّاَسْجُدَ لِبَشَرٍ خَلَقْتَهٗ مِنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ ﴿۳۳﴾

۽ زمين کي پکيڙيوسون ۽ منجهس جبل کوڙياسون ۽ منجهس هر شيءِ اندازي سان ڄمائي سون (١٩). ۽ منجهس اوهان لاءِ ۽ اُنهن لاءِ (قِسمر قِسمر جي) روزي (پيدا) ڪئي سون جن کي (اوهين) روزي ڏيندڙ نہ آهيو (٢٠). اَهڙي ڪا شيءِ آهي ئي ڪانہ جنهن جا خزانا اسان وٽ نہ هجن اُنهن شين کي (اسين) مقرر اندازي کان سواءِ نہ لاهيندا آهيون (٢١). ۽ ڪڪرن کڻندڙ وائن کي موڪليندا آهيون پوءِ آسمان مان پاڻي وسائيندا آهيون پوءِ اُهو اوهان کي پياريندا آهيون، ۽ اُهو اوهين (تلاون ۾) گڏ ڪرڻ وارا نہ آهيو (٢٢). ۽ اسين ئي جياريندا آهيون ۽ ماريندا آهيون ۽ اسين (سڀ ڪنهن جا) وارث آهيون (٢٣). ۽ بيشڪ اوهان کان اڳ وارا بہ ڄاڻندا آهيون ۽ بيشڪ (اوهان کان) پوءِ ايندڙ (بہ) ڄاڻندا آهيون (٢٤). ۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار کين اٿاريندو- بيشڪ اُهو حڪمت وارو ڄاڻندڙ آهي (٢٥). ۽ بيشڪ اسان آدمر کي ڳوهيل گنديءَ وجندڙ مٽيءَ مان بڻايو (٢٦). ۽ ان (آدمر) کان اڳ جنن جي جَڇيءَ واري باھ مان بڻايوسون (٢٧). ۽ جڏهن تنهنجي پالڻهار ملائڪن کي چيو تہ آءٌ آدمر کي ڳوهيل سڙيل وجندڙ مٽيءَ مان بڻائيندڙ آهيان (٢٨). پوءِ جڏهن کيس بڻائي برابر ڪريان ۽ منجهس پنهنجي روح مان ڦوڪيان تڏهن کيس سجدو ڪندڙ ٿي ڪري پئجو (٢٩). پوءِ اُنهن مڙني ملائڪن گڏجي سجدو ڪيو (٣٠). سواءِ ابليس جي- جنهن سجدي ڪندڙن سان گڏ هجڻ کان انڪار ڪيو (٣١). (الله) چيو تہ اي اِبليس! توکي ڇا ٿيو جو سجدي ڪرڻ وارن مان نہ ٿئين؟ (٣٢). (هن) چيو تہ مون کي نہ جڳائيندو آهي تہ آءٌ اهڙي ماڻهوءَ کي سجدو ڪريان جنهن کي ڳوهيل گنديءَ وجندڙ مٽيءَ مان بڻايو اٿيئي (٣٣).

قَالَ فَاخْرُجْ مِنْهَا فَإِنَّكَ رَجِيمٌ ﴿٣٤﴾ وَإِنَّ عَلَيْكَ
اللَّعْنَةَ إِلَىٰ يَوْمِ الدِّينِ ﴿٣٥﴾ قَالَ رَبِّ فَأَنْظِرْنِي إِلَىٰ يَوْمِ
يُبْعَثُونَ ﴿٣٦﴾ قَالَ فَإِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِينَ ﴿٣٧﴾ إِلَىٰ يَوْمِ الْوَقْتِ
الْمَعْلُومِ ﴿٣٨﴾ قَالَ رَبِّ بِمَا أَغْوَيْتَنِي لَأُزَيِّنَنَّ لَهُمْ فِي
الْأَرْضِ وَلَأُغْوِيَنَّهُمْ أَجْمَعِينَ ﴿٣٩﴾ إِلَّا عِبَادَكَ مِنْهُمُ
الْمُخْلَصِينَ ﴿٤٠﴾ قَالَ هَٰذَا صِرَاطٌ عَلَيَّ مُسْتَقِيمٌ ﴿٤١﴾ إِنَّ
عِبَادِي لَيْسَ لَكَ عَلَيْهِمْ سُلْطَانٌ إِلَّا مَنِ اتَّبَعَكَ
مِنَ الْغَاوِينَ ﴿٤٢﴾ وَإِنَّ جَهَنَّمَ لَمَوْعِدُهُمْ أَجْمَعِينَ ﴿٤٣﴾
لَهَا سَبْعَةُ أَبْوَابٍ لِكُلِّ بَابٍ مِنْهُمْ جُزْءٌ مَقْسُومٌ ﴿٤٤﴾
إِنَّ الْمُتَّقِينَ فِي جَنَّاتٍ وَعُيُونٍ ﴿٤٥﴾ ادْخُلُوهَا بِسَلَامٍ
آمِنِينَ ﴿٤٦﴾ وَنَزَعْنَا مَا فِي صُدُورِهِمْ مِنْ غِلٍّ إِخْوَانًا عَلَىٰ
سُرُرٍ مُتَقَابِلِينَ ﴿٤٧﴾ لَا يَمَسُّهُمْ فِيهَا نَصَبٌ وَمَا هُمْ مِنْهَا
بِمُخْرَجِينَ ﴿٤٨﴾ نَبِّئْ عِبَادِي أَنِّي أَنَا الْغَفُورُ الرَّحِيمُ ﴿٤٩﴾ وَأَنَّ
عَذَابِي هُوَ الْعَذَابُ الْأَلِيمُ ﴿٥٠﴾ وَنَبِّئْهُمْ عَنْ ضَيْفِ إِبْرَاهِيمَ ﴿٥١﴾
إِذْ دَخَلُوا عَلَيْهِ فَقَالُوا سَلَامًا قَالَ إِنَّا مِنْكُمْ وَجِلُونَ ﴿٥٢﴾

(الله) فرمايو تہ اُن (بهشت) مان نڪر ڇو تہ تون تڙيل آهين (٣۴). ۽ توتي قيامت تائين لعنت آهي (٣٥). (ابليس) چيو تہ اي منهنجا پالڻهار! مون کي قيامت جي ڏينهن تائين مهلت ڏي (٣٦). (الله) فرمايو تہ بيشڪ تون مهلت ڏنلن مان آهين (٣٧). نهرايل وقت واري ڏينهن تائين (٣٨). (ابليس) چيو تہ اي منهنجا پالڻهار! تو جو مون کي گمراهہ ڪيو آهي تنهن ڪري آءٌ اُنهن لاءِ زمين ۾ (گناهن کي) ضرور سينگاريندس ۽ ضرور سڀني کي گمراهہ ڪندس (٣٩). سواءِ اُنهن تنهنجن ٻانهن جي جي سچا آهن (۴٠). (الله) فرمايو تہ هيءَ واٽ مون تائين سڌي آهي (۴١). گمراهن مان جنهن تنهنجي تابعداري ڪئي تنهن کان سواءِ (ٻين) منهنجن ٻانهن تي تنهنجو ڪو وس نہ آهي (۴٢). ۽ اُنهن مڙني گمراهن جي انجام واري جاءِ دوزخ آهي (۴٣). اُن کي ست دروازا آهن۔ هر ڪنهن دروازي لاءِ اُنهن مان ورهايل ڀاڱو آهي (۴۴). بيشڪ پرهيزگار باغن ۽ چشمن ۾ هوندا (۴٥). (ڪين چئبو تہ) اُنهن ۾ بي فڪرا ٿي سلامتي سان گهڙو (۴٦). ۽ سندن سينن ۾ جيڪي ڪينو هوندو سو اُنهن مان ڪيندا سين (هڪ ٻئي جا) ڀائر ٿي آمهون سامهون تختن تي ويٺا هوندا (۴٧). اُتي ڪين نڪو ٿڪ پهچندو ۽ نہ کي اُتان ڪڍيا ويندا (۴٨). (اي پيغمبر!) منهنجن ٻانهن کي خبر ڏي تہ آءٌ بخشڻهار مهربان آهيان (۴٩). ۽ منهنجو عذاب ئي ڏکوئيندڙ عذاب آهي (٥٠). ۽ (اي پيغمبر!) اُنهن کي ابراهيم جي مهمانن جي خبر ڏي۔ (٥١). جنهن مهل وٽس پهتا (تنهن مهل) چيائون سلام۔ (ابراهيم) چيو تہ اسين اوهان کان ڊڄندڙ آهيون (٥٢).

قَالُوا لَا تَوْجَلْ إِنَّا نُبَشِّرُكَ بِغُلَامٍ عَلِيمٍ ٥٣ قَالَ أَبَشَّرْتُمُونِي
عَلَىٰ أَن مَّسَّنِيَ الْكِبَرُ فَبِمَ تُبَشِّرُونَ ٥٤ قَالُوا بَشَّرْنَاكَ
بِالْحَقِّ فَلَا تَكُن مِّنَ الْقَانِطِينَ ٥٥ قَالَ وَمَن يَقْنَطُ مِن
رَّحْمَةِ رَبِّهِ إِلَّا الضَّالُّونَ ٥٦ قَالَ فَمَا خَطْبُكُمْ أَيُّهَا
الْمُرْسَلُونَ ٥٧ قَالُوا إِنَّا أُرْسِلْنَا إِلَىٰ قَوْمٍ مُّجْرِمِينَ ٥٨ إِلَّا آلَ
لُوطٍ إِنَّا لَمُنَجُّوهُمْ أَجْمَعِينَ ٥٩ إِلَّا امْرَأَتَهُ قَدَّرْنَا إِنَّهَا لَمِنَ
الْغَابِرِينَ ٦٠ فَلَمَّا جَاءَ آلَ لُوطٍ الْمُرْسَلُونَ ٦١ قَالَ إِنَّكُمْ قَوْمٌ
مُّنكَرُونَ ٦٢ قَالُوا بَلْ جِئْنَاكَ بِمَا كَانُوا فِيهِ يَمْتَرُونَ ٦٣ وَ
أَتَيْنَاكَ بِالْحَقِّ وَإِنَّا لَصَادِقُونَ ٦٤ فَأَسْرِ بِأَهْلِكَ بِقِطْعٍ مِّنَ
اللَّيْلِ وَاتَّبِعْ أَدْبَارَهُمْ وَلَا يَلْتَفِتْ مِنكُمْ أَحَدٌ وَامْضُوا
حَيْثُ تُؤْمَرُونَ ٦٥ وَقَضَيْنَا إِلَيْهِ ذَٰلِكَ الْأَمْرَ أَنَّ دَابِرَ هَٰؤُلَاءِ
مَقْطُوعٌ مُّصْبِحِينَ ٦٦ وَجَاءَ أَهْلُ الْمَدِينَةِ يَسْتَبْشِرُونَ ٦٧
قَالَ إِنَّ هَٰؤُلَاءِ ضَيْفِي فَلَا تَفْضَحُونِ ٦٨ وَاتَّقُوا اللَّهَ وَلَا
تُخْزُونِ ٦٩ قَالُوا أَوَلَمْ نَنْهَكَ عَنِ الْعَالَمِينَ ٧٠ قَالَ هَٰؤُلَاءِ بَنَاتِي
إِن كُنتُمْ فَاعِلِينَ ٧١ لَعَمْرُكَ إِنَّهُمْ لَفِي سَكْرَتِهِمْ يَعْمَهُونَ ٧٢

چيائون ته نه ڊڄ! اسين توکي علم واري پٽ جي مبارڪ ڏيون ٿا (٥٣). (ابراهيم) چيو ته مون کي هن هوندي به مبارڪ ڏيو ٿا ڇا جو مون کي ٻڍاپ پهتي آهي پوءِ ڪهڙي طرح مبارڪ ڏيو ٿا؟ (٥۴). چيائون ته توکي جائي مبارڪ ڏيون ٿا تنهن ڪري نااُميدن مان نه ٿي (٥٥). (ابراهيم) چيو ته پنهنجي پالڻهار جي رحمت کان گمراهن کان سواءِ (ٻيو) ڪير نا اُميد ٿيندو؟ (٥٦). (وري) ابراهيم چيو ته اي موڪليل (ملائڪؤ) اوهان جو ڪهڙو ڪم آهي (٥٧). چيائون ته اسين ڏوهارين جي قوم ڏانهن موڪليل آهيون (٥٨). لوط جي گهراڻي وارن کان سواءِ. جن مڙني کي اسين ضرور بچائيندڙ آهيون (٥٩). سواءِ سندس زال جي جنهن لاءِ ٺهرايوسون ته اُها رهيلن مان آهي (٦٠). پوءِ جنهن مهل موڪليل (ملائڪ) لوط جي گهراڻي وارن ڏانهن آيا (٦١). (تنهن مهل لوط) چيو ته اوهين اوپري قوم آهيو (٦٢). چيائون ته (نه) بلڪ تو وٽ اُهو (عذاب) وٺي آيا آهيون جنهن ۾ (ڪافر) شڪ ڪندا هئا (٦٣). ۽ تو وٽ سچ سان آيا آهيون ۽ بيشڪ اسين ضرور سچا آهيون (٦۴). پوءِ پنهنجي ڪٽنب سميت راتو واهه نڪر ۽ (تون) سندن پويان هل ۽ اوهان مان ڪو هڪڙو (به) پوئتي نه واجهائي ۽ جتي حڪم ڪيو وڃي اُتي وڃو (٦٥). ۽ لوط ڏانهن هن حڪم جو وحي ڪيوسون ته اُنهن جي پاڙ صبح ٿيندي ئي پٽي ويندي (٦٦). ۽ شهر وارا خوشيون ڪندا آيا (٦٧). (لوط) چيو ته هي منهنجا مهمان آهن پوءِ مون کي لڄي نه ڪريو (٦٨). ۽ الله کان ڊڄو ۽ خوار نه ڪريو (٦٩). چيائون ته توکي ڏيهه جهان وارن (جي مهماني) کان نه جهليو هيوسون ڇا؟ (٧٠). (لوط) چيو ته جيڪڏهن اوهين (منهنجو چيو) ڪندڙ ٿيندؤ ته هي منهنجون ڌيئر حاضر آهن (٧١). (اي پيغمبر!) تنهنجي حياتي جو قسم آهي ته اِهي (ڪافر) پنهنجي گمراهي ۾ حيران آهن (٧٢).

فَاَخَذَتۡهُمُ الصَّيۡحَةُ مُشۡرِقِيۡنَ ۙ﴿۷۳﴾ فَجَعَلۡنَا عَالِيَهَا سَافِلَهَا وَ
اَمۡطَرۡنَا عَلَيۡهِمۡ حِجَارَةً مِّنۡ سِجِّيۡلٍ ؕ﴿۷۴﴾ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ
لِّلۡمُتَوَسِّمِيۡنَ ﴿۷۵﴾ وَاِنَّهَا لَبِسَبِيۡلٍ مُّقِيۡمٍ ﴿۷۶﴾ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً
لِّلۡمُؤۡمِنِيۡنَ ؕ﴿۷۷﴾ وَاِنۡ كَانَ اَصۡحٰبُ الۡاَيۡكَةِ لَظٰلِمِيۡنَ ۙ﴿۷۸﴾ فَانۡتَقَمۡنَا
مِنۡهُمۡ ۘ وَاِنَّهُمَا لَبِاِمَامٍ مُّبِيۡنٍ ؕ﴿۷۹﴾ وَلَقَدۡ كَذَّبَ اَصۡحٰبُ الۡحِجۡرِ
الۡمُرۡسَلِيۡنَ ۙ﴿۸۰﴾ وَاٰتَيۡنٰهُمۡ اٰيٰتِنَا فَكَانُوۡا عَنۡهَا مُعۡرِضِيۡنَ ۙ﴿۸۱﴾
وَكَانُوۡا يَنۡحِتُوۡنَ مِنَ الۡجِبَالِ بُيُوۡتًا اٰمِنِيۡنَ ﴿۸۲﴾
فَاَخَذَتۡهُمُ الصَّيۡحَةُ مُصۡبِحِيۡنَ ۙ﴿۸۳﴾ فَمَاۤ اَغۡنٰى عَنۡهُمۡ مَّا
كَانُوۡا يَكۡسِبُوۡنَ ؕ﴿۸۴﴾ وَمَا خَلَقۡنَا السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ وَمَا
بَيۡنَهُمَاۤ اِلَّا بِالۡحَـقِّ ؕ وَاِنَّ السَّاعَةَ لَاٰتِيَةٌ فَاصۡفَحِ الصَّفۡحَ
الۡجَمِيۡلَ ﴿۸۵﴾ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ الۡخَـلّٰقُ الۡعَلِيۡمُ ﴿۸۶﴾ وَلَقَدۡ اٰتَيۡنٰكَ
سَبۡعًا مِّنَ الۡمَثَانِىۡ وَالۡقُرۡاٰنَ الۡعَظِيۡمَ ﴿۸۷﴾ لَا تَمُدَّنَّ
عَيۡنَيۡكَ اِلٰى مَا مَتَّعۡنَا بِهٖۤ اَزۡوَاجًا مِّنۡهُمۡ وَلَا تَحۡزَنۡ
عَلَيۡهِمۡ وَاخۡفِضۡ جَنَاحَكَ لِلۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۸۸﴾ وَقُلۡ اِنِّىۡۤ اَنَا
النَّذِيۡرُ الۡمُبِيۡنُ ۚ﴿۸۹﴾ كَمَاۤ اَنۡزَلۡنَا عَلَى الۡمُقۡتَسِمِيۡنَ ۙ﴿۹۰﴾

پوءِ سج اُبرڻ مهل ڪڙڪي ورتن (٧٣). ۽ اُن شهر جو مٿيون پاسو اُن
جي هيٺ ڪيوسون ۽ مٿن پڪل مٽيءَ جا ڳوڙها وساياسون (٧٤).
بيشڪ اُن ۾ عبرت وٺندڙن لاءِ نشانيون آهن (٧٥). ۽ اهو ڳوٺ هميشه
(جي اَچ وڃ) واري واٽ تي هو (٧٦). بيشڪ اُن ۾ مؤمنن لاءِ
نشانيون آهن (٧٧). ۽ ايڪه (شهر) وارا ظالم هئا (٧٨). پوءِ کائن
بدلو ورتوسون- ۽ (لوطين ۽ ايڪه وارن جا) ٻئي ڳوٺ پڌري رستي تي
هئا (٧٩). ۽ بيشڪ حِجر وارن پيغمبرن کي ڪوڙو ڀانيو (٨٠). ۽ کين
پنهنجيون نشانيون ڏنيون سون پوءِ اُنهن کان منهن موڙيندڙ ٿيا (٨١). ۽ ٻي
فڪرا تي جبلن مان ٽُڪي گهر ٺاهيندا هئا (٨٢). پوءِ کين صبح
ٿيندي ئي ڪڙڪي (اچي) ورتو (٨٣). پوءِ جيڪو ڪمايائون سو
کائن ڪجهہ بہ ٽاري نہ سگهيو (٨٤). ۽ آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي
منجهن آهي سو رتِ کان سواءِ نہ بڻايو اٿئون- ۽ قيامت ضرور اَچڻي آهي پوءِ
(سندن بي ادبين کان) سهڻي طرح درگذر ڪر (٨٥). بيشڪ تنهنجو پالڻهار
وڏو خلقيندڙ (۽) گهڻو ڄاڻندڙ آهي (٨٦). ۽ بيشڪ توکي ٻٽيون ست
آيتون (يعني سورة فاتحہ) ۽ وڏو قرآن ڏنوسون (٨٧). اُنهن کي هر جنس جي
سامان مان جيڪي شيون ڏنيون سون تن ڏانهن تون پنهنجون اکيون کڻي
نہ نهار ۽ نہ کين مٿن ڏک ڪر ۽ مؤمنن لاءِ پنهنجو پاسو (شفقت مان)
جهڪو ڪر (٨٨). ۽ چؤ تہ بيشڪ آءٌ پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان (٨٩).
جهڙي طرح اُنهن ورهاست ڪندڙن تي (عذاب) نازل ڪيوسون (٩٠).

الَّذِيْنَ جَعَلُوا الْقُرْاٰنَ عِضِيْنَ ﴿۹۱﴾ فَوَرَبِّكَ لَنَسْـَٔلَنَّهُمْ
اَجْمَعِيْنَ ﴿۹۲﴾ عَمَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۹۳﴾ فَاصْدَعْ بِمَا تُؤْمَرُ وَ
اَعْرِضْ عَنِ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۹۴﴾ اِنَّا كَفَيْنٰكَ الْمُسْتَهْزِءِيْنَ ﴿۹۵﴾ الَّذِيْنَ
يَجْعَلُوْنَ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ ۚ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ﴿۹۶﴾ وَلَقَدْ نَعْلَمُ
اَنَّكَ يَضِيْقُ صَدْرُكَ بِمَا يَقُوْلُوْنَ ﴿۹۷﴾ فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ وَكُنْ
مِّنَ السّٰجِدِيْنَ ﴿۹۸﴾ وَاعْبُدْ رَبَّكَ حَتّٰى يَاْتِيَكَ الْيَقِيْنُ ﴿۹۹﴾ ع

## سُوْرَةُ النَّحْلِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ
اَتٰۤى اَمْرُ اللّٰهِ فَلَا تَسْتَعْجِلُوْهُ ؕ سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا
يُشْرِكُوْنَ ﴿۱﴾ يُنَزِّلُ الْمَلٰٓئِكَةَ بِالرُّوْحِ مِنْ اَمْرِهٖ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ
مِنْ عِبَادِهٖۤ اَنْ اَنْذِرُوْۤا اَنَّهٗ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّاۤ اَنَا فَاتَّقُوْنِ ﴿۲﴾ خَلَقَ
السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ ؕ تَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿۳﴾ خَلَقَ
الْاِنْسَانَ مِنْ نُّطْفَةٍ فَاِذَا هُوَ خَصِيْمٌ مُّبِيْنٌ ﴿۴﴾ وَالْاَنْعَامَ
خَلَقَهَا ۚ لَكُمْ فِيْهَا دِفْءٌ وَّمَنَافِعُ وَمِنْهَا تَاْكُلُوْنَ ﴿۵﴾
وَلَكُمْ فِيْهَا جَمَالٌ حِيْنَ تُرِيْحُوْنَ وَحِيْنَ تَسْرَحُوْنَ ﴿۶﴾ ص

جن قرآن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو (٩١). (تهڙي طرح) تنهنجي پالڻھار جو
قسم آهي تہ اُنهن مڙني کان ضرور پڇنداسون (٩٢). جيڪي ڪندا آهن
تنهن بابت (٩٣). پوءِ جيڪي توکي حڪم ڪجي ٿو سو کولي ٻڌاءِ ۽
مشرڪن کان منهن موڙ (٩٤). اسان تنهنجي طرفان اُنهن چٿر ڪندڙن
جي پورائي ڪئي (٩٥). جي الله سان ٻيو معبود مقرر ڪندا آهن پوءِ
سگھوئي ڄاڻندا (٩٦). ۽ بيشڪ ڄاڻندا آهيون تہ جيڪي چوندا آهن تنهن
سببان تنهنجو سينو تنگ ٿيندو آهي (٩٧). پوءِ تون پاڪائي سان پنهنجي
پالڻھار جي ساراہ ڪر ۽ سجدي ڪندڙن مان هج (٩٨). ۽ (ايستائين)
پنهنجي پالڻھار جي عبادت (پيو) ڪر جيستائين توکي موت پهچي (٩٩).

سورة نحل مڪي آهي ۽ هيءَ هڪ سؤ اٺاويهہ
آيتون ۽ سورهن رڪوع آهي.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

الله جو حڪم پهتو تنهن ڪري اُن جي تڪڙ نہ ڪريو، الله پاڪ آهي ۽
اُنهيءَ شيءِ کان مٿاهون آهي جيڪا ساڻس شريڪ مقرر ڪندا
آهن (١). پنهنجن ٻانهن مان جنهن لاءِ گھرندو آهي تنهن تي پنهنجي
ارادي سان ملائڪن کي وحي سان هن لاءِ نازل ڪندو آهي تہ (ماڻهن کي)
ڊيڄاريو (تہ الله ٿو فرمائي) تہ مون کان سواءِ ٻيو ڪو عبادت جو لائق نہ
آهي تنهن ڪري مون کان ڊڄو (٢). آسمانن ۽ زمين کي رٿ سان
بڻايائين۔ جيڪا شيءِ ساڻس شريڪ ڪندا آهن تنهن کان (اُهو) مٿاهون
آهي (٣). آدميءَ کي نطفي مان خلقيائين پوءِ اوچتو ئي اُهو پڌرو جهڳڙالو
ٿي پيو (٤). ۽ اوهان لاءِ ڍور خلقيائين اُنهن مان گرم پوشاڪون ۽ (ٻيا)
فائدا آهن ۽ منجهائن ڪي کائيندا آهيو (٥). جنهن مهل (اُهي ڍور) واڙيندا
آهيو ۽ جنهن مهل چيڙيندا آهيو (تنهن مهل) اوهان لاءِ سونهن آهي (٦).

وَتَحۡمِلُ اَثۡقَالَكُمۡ اِلٰى بَلَدٍ لَّمۡ تَكُوۡنُوۡا بٰلِغِيۡهِ اِلَّا بِشِقِّ
الۡاَنۡفُسِ ؕ اِنَّ رَبَّكُمۡ لَرَءُوۡفٌ رَّحِيۡمٌ ۙ ﴿٧﴾ وَّالۡخَيۡلَ وَالۡبِغَالَ
وَالۡحَمِيۡرَ لِتَرۡكَبُوۡهَا وَزِيۡنَةً ؕ وَيَخۡلُقُ مَا لَا تَعۡلَمُوۡنَ ﴿٨﴾
وَعَلَى اللّٰهِ قَصۡدُ السَّبِيۡلِ وَمِنۡهَا جَآئِرٌ ؕ وَلَوۡ شَآءَ لَهَدٰٮكُمۡ
اَجۡمَعِيۡنَ ﴿٩﴾ هُوَ الَّذِىۡۤ اَنۡزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً لَّـكُمۡ مِّنۡهُ
شَرَابٌ وَّمِنۡهُ شَجَرٌ فِيۡهِ تُسِيۡمُوۡنَ ﴿١٠﴾ يُنۡۢبِتُ لَـكُمۡ بِهِ
الزَّرۡعَ وَالزَّيۡتُوۡنَ وَالنَّخِيۡلَ وَالۡاَعۡنَابَ وَمِنۡ كُلِّ
الثَّمَرٰتِ ؕ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوۡمٍ يَّتَفَكَّرُوۡنَ ﴿١١﴾ وَسَخَّرَ
لَـكُمُ الَّيۡلَ وَالنَّهَارَ ۙ وَالشَّمۡسَ وَالۡقَمَرَ ؕ وَالنُّجُوۡمُ
مُسَخَّرٰتٌۢ بِاَمۡرِهٖ ؕ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوۡمٍ يَّعۡقِلُوۡنَ ۙ ﴿١٢﴾
وَمَا ذَرَاَ لَـكُمۡ فِى الۡاَرۡضِ مُخۡتَلِفًا اَلۡوَانُهٗ ؕ اِنَّ فِىۡ
ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوۡمٍ يَّذَّكَّرُوۡنَ ﴿١٣﴾ وَهُوَ الَّذِىۡ
سَخَّرَ الۡبَحۡرَ لِتَاۡكُلُوۡا مِنۡهُ لَحۡمًا طَرِيًّا وَّتَسۡتَخۡرِجُوۡا
مِنۡهُ حِلۡيَةً تَلۡبَسُوۡنَهَا ۚ وَتَرَى الۡفُلۡكَ مَوَاخِرَ
فِيۡهِ وَلِتَبۡتَغُوۡا مِنۡ فَضۡلِهٖ وَلَعَلَّكُمۡ تَشۡكُرُوۡنَ ﴿١٤﴾

۽ جنهن شهر ڏانهن اوهين پنهنجي جيئن کي جوکي ۾ وجهڻ کان سواءِ پهچي نہ سگهندا آهيو تنهن ڏانهن اوهان جو بار کڻندا آهن- ڇو تہ اوهان جو پالڻهار وڏو ٻاجهارو مهربان آهي (٧). ۽ گهوڙا ۽ خچر ۽ گڏه هن لاءِ (خلقيائين) تہ اُنهن تي اوهين چڙهو ۽ (اُنهن کي) زينت ڄاڻو- ۽ جيڪي شيون (اوهين) نہ ڄاڻندا آهيو سي (بہ) پيدا ڪندو آهي (٨). ۽ الله تي سڌو رستو (ڏسڻ) آهي ۽ اُنهن مان ڪي (رستا) ڏنگا آهن- ۽ جيڪڏهن (الله) گهري ها تہ اوهان مڙني کي سڌو رستو ڏيکاري ها (٩). اُهو (الله) آهي جنهن آسمان مان اوهان لاءِ پاڻي وسايو منجهانئس ڪجهہ پيئڻ جو آهي ۽ منجهانئس جهنگ (پيدا ٿيندو) آهي جنهن ۾ مال چاريندا آهيو (١٠). اُن سان پوک ۽ زيتون ۽ کجيون ۽ انگور ۽ هر جنس جا ميوا اوهان لاءِ ڄمائيندو آهي- بيشڪ اُن ۾ سوچيندڙ قوم لاءِ ضرور نشاني آهي (١١). ۽ اوهان لاءِ رات ۽ ڏينهن ۽ سج ۽ چنڊ تابع ڪيائين- ۽ تارا سندس حڪم سان تابع ڪيل آهن بيشڪ اُن ۾ سمجهدار قوم لاءِ ضرور نشانيون آهن (١٢). ۽ قسمين قسمين رنگن جون (شيون ۽ جانور) جيڪي زمين ۾ پيدا ڪيائين سي بہ اوهان لاءِ آهن- بيشڪ ان ۾ نصيحت وٺندڙ قوم لاءِ ضرور نشاني آهي (١٣). ۽ اُهو (الله) آهي جنهن درياءَ کي هن لاءِ تابع ڪيو تہ اوهين منجهانئس تازو گوشت (يعني مڇي) کائو ۽ منجهانئس اُهي زيور (يعني موتي) ڪڍو جيڪي اوهين پائيندا آهيو، ۽ منجهس ترندڙ ٻيڙيون ڏسندو آهين ۽ اِنهي لاءِ تہ اوهين سندس رزق ڳوليو ۽ تہ مانَ اوهين شڪرانو ڪريو (١٤).

وَاَلْقٰى فِى الْاَرْضِ رَوَاسِىَ اَنْ تَمِيْدَ بِكُمْ وَاَنْهٰرًا وَّسُبُلًا
لَّعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿١٥﴾ وَعَلٰمٰتٍ ؕ وَبِالنَّجْمِ هُمْ يَهْتَدُوْنَ ﴿١٦﴾ اَفَمَنْ
يَّخْلُقُ كَمَنْ لَّا يَخْلُقُ ؕ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿١٧﴾ وَاِنْ تَعُدُّوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ
لَا تُحْصُوْهَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٨﴾ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تُسِرُّوْنَ وَ
مَا تُعْلِنُوْنَ ﴿١٩﴾ وَالَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَا يَخْلُقُوْنَ
شَيْـًٔا وَّهُمْ يُخْلَقُوْنَ ﴿٢٠﴾ اَمْوَاتٌ غَيْرُ اَحْيَآءٍ ۚ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ۙ
اَيَّانَ يُبْعَثُوْنَ ﴿٢١﴾ اِلٰـهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَالَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ
بِالْاٰخِرَةِ قُلُوْبُهُمْ مُّنْكِرَةٌ وَّهُمْ مُّسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٢٢﴾ لَا جَرَمَ اَنَّ
اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ؕ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْتَكْبِرِيْنَ ﴿٢٣﴾
وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ مَّاذَآ اَنْزَلَ رَبُّكُمْ ۙ قَالُوْۤا اَسَاطِيْرُ
الْاَوَّلِيْنَ ﴿٢٤﴾ لِيَحْمِلُوْۤا اَوْزَارَهُمْ كَامِلَةً يَّوْمَ الْقِيٰمَةِ ۙ
وَمِنْ اَوْزَارِ الَّذِيْنَ يُضِلُّوْنَهُمْ بِغَيْرِ عِلْمٍ ؕ اَلَا سَآءَ مَا
يَزِرُوْنَ ﴿٢٥﴾ قَدْ مَكَرَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَاَتَى
اللّٰهُ بُنْيَانَهُمْ مِّنَ الْقَوَاعِدِ فَخَرَّ عَلَيْهِمُ السَّقْفُ مِنْ
فَوْقِهِمْ وَاَتٰىهُمُ الْعَذَابُ مِنْ حَيْثُ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٢٦﴾

۽ زمين ۾ مضبوط جبل کوڙيائين تہ متان اُها اوهان کي ڏوڏو ڏئي ۽ نديون (وهايائين) ۽ رستا بڻايائين تہ مانَ اوهين سڌو رستو لهو (١٥). ۽ (ٻيا بہ گهڻا) نشان۔ ۽ تارن سان اُهي (ماڻهو) سڌو رستو لهندا آهن (١٦). جيڪو پيدا ڪري سو اُنهي جهڙو آهي ڇا جو (ڪجھ بہ) پيدا نہ ڪري؟ پوءِ ڇو نہ نصيحت وٺندا آهيو؟ (١٧). جيڪڏهن اوهين الله جي نعمتن کي ڳڻيو تہ اُنهن کي (ڪڏهن بہ) ڳڻي نہ سگهندؤ۔ ڇو تہ الله بخشڻهار مهربان آهي (١٨). ۽ جيڪي لڪائيندا آهيو ۽ جيڪي پڌرو ڪندا آهيو سو الله ڄاڻندو آهي (١٩). ۽ جن کي الله کان سواءِ سڏيندا آهن سي ڪا شيءِ خلقي نہ سگهندا آهن ۽ اُهي (پاڻ) خلقيا ويا آهن (٢٠). مردا بي جان آهن، ۽ نہ ڄاڻندا آهن تہ ڪڏهن اٿاريا ويندا (٢١). اوهان جو معبود هڪڙو خدا آهي، پوءِ جيڪي آخرت کي نہ مڃيندا آهن تن جون دليون مڃڻ واريون نہ آهن ۽ اُهي وڏائي ڪندڙ آهن (٢٢). (ڪافر) جيڪي لڪائيندا آهن ۽ جيڪي (هو) پڌرو ڪندا آهن سو بلاشڪ الله ڄاڻندو آهي۔ بيشڪ اُهو وڏائي ڪندڙن کي پسند نہ ڪندو آهي (٢٣). ۽ جڏهن اُنهن کي چئبو آهي تہ اوهان جي پالڻهار ڇا نازل ڪيو آهي؟ (تڏهن) چوندا آهن تہ اڳين جون آڪاڻيون (٢۴). (اِهو سندن چوڻ) هن لاءِ آهي جو قيامت جي ڏينهن پنهنجا پورا بار کڻندا ۽ جن کي بنا علم جي گمراهہ ڪندا آهن تن جا (بہ) ڪجھ بار کڻندا۔ خبردار! جيڪو (بہ) بار کڻندا سو بڇڙو آهي (٢٥). جيڪي کانئن اڳ هئا تن بيشڪ فريب ڪيو پوءِ الله جي حڪم سندن اڏاوتن کي بنيادن کان پٽيو پوءِ انهن تي مٿانئن ڇت اچي ڪري ۽ ڪين عذاب اُتان پهتو جتان ڄاڻائون ئي نہ ٿي (٢٦).

ثُمَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ يُخْزِيْهِمْ وَيَقُوْلُ اَيْنَ شُرَكَآءِيَ الَّذِيْنَ
كُنْتُمْ تُشَآقُّوْنَ فِيْهِمْ ؕ قَالَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ اِنَّ الْخِزْيَ
الْيَوْمَ وَالسُّوْٓءَ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿۲۷﴾ الَّذِيْنَ تَتَوَفّٰىهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ
ظَالِمِيْٓ اَنْفُسِهِمْ ۪ فَاَلْقَوُا السَّلَمَ مَا كُنَّا نَعْمَلُ مِنْ سُوْٓءٍ ؕ بَلٰٓى اِنَّ
اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۲۸﴾ فَادْخُلُوْٓا اَبْوَابَ جَهَنَّمَ
خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ فَلَبِئْسَ مَثْوَى الْمُتَكَبِّرِيْنَ ﴿۲۹﴾ وَقِيْلَ لِلَّذِيْنَ
اتَّقَوْا مَاذَآ اَنْزَلَ رَبُّكُمْ ؕ قَالُوْا خَيْرًا ؕ لِلَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا فِيْ
هٰذِهِ الدُّنْيَا حَسَنَةٌ ؕ وَلَدَارُ الْاٰخِرَةِ خَيْرٌ ؕ وَلَنِعْمَ دَارُ الْمُتَّقِيْنَ ﴿۳۰﴾
جَنّٰتُ عَدْنٍ يَّدْخُلُوْنَهَا تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ لَهُمْ فِيْهَا
مَا يَشَآءُوْنَ ؕ كَذٰلِكَ يَجْزِي اللّٰهُ الْمُتَّقِيْنَ ﴿۳۱﴾ الَّذِيْنَ تَتَوَفّٰىهُمُ
الْمَلٰٓئِكَةُ طَيِّبِيْنَ ۙ يَقُوْلُوْنَ سَلٰمٌ عَلَيْكُمُ ۙ ادْخُلُوا الْجَنَّةَ بِمَا
كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۳۲﴾ هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ تَاْتِيَهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ اَوْ
يَاْتِيَ اَمْرُ رَبِّكَ ؕ كَذٰلِكَ فَعَلَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ وَمَا ظَلَمَهُمُ
اللّٰهُ وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿۳۳﴾ فَاَصَابَهُمْ سَيِّاٰتُ
مَا عَمِلُوْا وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿۳۴﴾ ع

وري قيامت جي ڏينهن ڪين خوار ڪندو ۽ چوندو تہ (اوهان جا) مون سان ڀائيوار شريڪ جن جي بابت اوهين تڪرار ڪندا هيؤ سي ڪٿي آهن؟ جن کي علم ڏنو ويو سي چوندا تہ اَڄ اُنهن ڪافرن تي خواري ۽ بڇڙائي آهي (٢٧). جن جو ملائڪ اهڙي حالت ۾ ساهہ ڪڍندا آهن جو پاڻ تي ظالم هئا، اُهي صلح پيش ڪندا (۽ چوندا تہ) اسان ڪا بڇڙائي نہ ڪئي هئي- (ملائڪ چوندا تہ) هائو! جيڪي اوهين ڪندا رهيؤ سو الله ڄاڻندڙ آهي (٢٨). پوءِ دوزخ جي دروازن مان گهڙو منجهس سدائين رهندڙ هجو- پوءِ وڏائي ڪندڙن جي جاءِ بڇڙي آهي (٢٩). ۽ پرهيزگارن کي چيو ويو تہ اوهان جي پالڻهار ڇا نازل ڪيو آهي؟ چوندا تہ چڱائي- جن هن دنيا ۾ چڱائي ڪئي تن لاءِ چڱائي آهي- ۽ آخرت جو گهر ضرور ڀلو آهي- ۽ پرهيزگارن جو گهر ضرور ڀلو آهي (٣٠). جو هميشہ جي رهڻ وارا باغ آهن اُن ۾ گهڙندا اُنهن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن جيڪي گهرندا سو اُنهن لاءِ منجهن آهي- اهڙي طرح الله پرهيزگارن کي بدلو ڏيندو (٣١). (اهي اُهي آهن) جن کي ملائڪ پاڪ حالت ۾ ماريندا آهن (ملائڪ) چوندا آهن السلام عليڪم. جيڪي (عمل) ڪندا هيؤ تنهن سببان بهشت ۾ گهڙو (٣٢). ڪافر (موت جي) ملائڪن جي پاڻ وٽ اچڻ يا تنهنجي پالڻهار (جي عذاب) جي حڪم اچڻ کان سواءِ (ٻيو) ڪو انتظار نہ ڪندا آهن- جيڪي کانئن اڳ هئا تن بہ اهڙي طرح ڪيو هو- ۽ الله مٿن ظلم نہ ڪيو پر اُهي پاڻ تي ظلم ڪندا هئا (٣٣). پوءِ ڪين سندن ڪرتوتن جي بڇڙائي پهتي ۽ جنهن لاءِ ٺٺوليون ڪندا هئا سا ڪين ويڙهي ويئي (٣٤).

وَقَالَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا لَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا عَبَدْنَا مِنْ دُوْنِهٖ
مِنْ شَيْءٍ نَّحْنُ وَلَآ اٰبَآؤُنَا وَلَا حَرَّمْنَا مِنْ دُوْنِهٖ مِنْ شَيْءٍ ؕ
كَذٰلِكَ فَعَلَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۚ فَهَلْ عَلَى الرُّسُلِ اِلَّا
الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ۝۳۵ وَلَقَدْ بَعَثْنَا فِيْ كُلِّ اُمَّةٍ رَّسُوْلًا اَنِ
اعْبُدُوا اللّٰهَ وَاجْتَنِبُوا الطَّاغُوْتَ ۚ فَمِنْهُمْ مَّنْ هَدَى اللّٰهُ
وَمِنْهُمْ مَّنْ حَقَّتْ عَلَيْهِ الضَّلٰلَةُ ؕ فَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا
كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ ۝۳۶ اِنْ تَحْرِصْ عَلٰى هُدٰىهُمْ
فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِيْ مَنْ يُّضِلُّ وَمَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ۝۳۷ وَ
اَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ ۙ لَا يَبْعَثُ اللّٰهُ مَنْ يَّمُوْتُ ؕ
بَلٰى وَعْدًا عَلَيْهِ حَقًّا وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝۳۸ ۙ
لِيُبَيِّنَ لَهُمُ الَّذِيْ يَخْتَلِفُوْنَ فِيْهِ وَلِيَعْلَمَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا
اَنَّهُمْ كَانُوْا كٰذِبِيْنَ ۝۳۹ اِنَّمَا قَوْلُنَا لِشَيْءٍ اِذَآ اَرَدْنٰهُ اَنْ نَّقُوْلَ
لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ۝۴۰ ؑ وَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا فِي اللّٰهِ مِنْ بَعْدِ مَا
ظُلِمُوْا لَنُبَوِّئَنَّهُمْ فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً ؕ وَلَاَجْرُ الْاٰخِرَةِ اَكْبَرُ ۘ لَوْ
كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ۝۴۱ ۙ الَّذِيْنَ صَبَرُوْا وَعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ۝۴۲

۽ مشرڪ چوندا آهن ته جيڪڏهن الله گهري ها ته اُن ڪانسواءِ ڪا شيءِ نڪي اسين پوڄيون ها ۽ نڪي اَسان جا اَبا ڏاڏا (پوڄين ها) ۽ نڪي اُن جي حڪم ڪان سواءِ ڪا شيءِ حرام ڪريون ها- اَهڙي طرح جيڪي ڪائن اَڳ هئا تن به ڪيو هو، پوءِ پيغمبرن تي پڌري (پيغام) پهچائڻ ڪان سواءِ (ٻيو ڪجھ لازم) نه آهي (٣٥). ۽ بيشڪ هر قوم ۾ (هڪ) پيغمبر موڪليو سون ته الله جي عبادت ڪريو ۽ بتن (جي پوڄا) ڪان پري ٿيو، پوءِ منجهائن ڪي اهڙا آهن جن کي الله هدايت ڪئي ۽ منجهائن ڪي اَهڙا آهن جن تي گمراهي ثابت ٿي- پوءِ ملڪن ۾ گهمو وري ڏسو ته ڪوڙن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي (٣٦). (اي پيغمبر!) جيڪڏهن هنن کي هدايت ڪرڻ لاءِ حرص ڪندين (ته منجهائن ڪو به فائدو نه آهي) ڇو ته الله جنهن کي گمراهه ڪندو آهي تنهن کي هدايت نه ڪندو آهي ۽ اُنهن جو ڪو به مددگار نه آهي (٣٧). ۽ الله جو پڪيءَ طرح قسم کنيائون ته جيڪو مرندو تنهن کي الله (وري) نه جياريندو- هائو! وري (جياريندو) اُن (ڳالھ) تي وعدو پڪ ٿي چڪو آهي پر گهڻا ماڻهو نه ڄاڻندا آهن (٣٨). هن لاءِ (وري جياريندو) ته جنهن بابت تڪرار ڪندا آهن سو اُنهن کي (الله) پڌرو ڪري ٻڌائي ۽ ته ڪافر ڄاڻن ته اُهي (پاڻ) ڪوڙا هئا (٣٩). ڪنهن به شيءِ لاءِ اسان جو چوڻ بس هي آهي ته جڏهن اسين اُن کي پيدا ڪرڻ گهرندا آهيون تڏهن ان کي چوندا آهيون ته ٿيءُ ته ٿي پوندي آهي (٤٠). ۽ جن پاڻ تي ظلم ٿيڻ ڪان پوءِ الله (جي واٽ) ۾ وطن ڇڏيو تن کي ضرور دنيا ۾ چڱي جاءِ ڏيندا آهيون- ۽ ضرور آخرت جو اَجر تمام وڏو آهي- ڪاش جو ڄاڻن ها (٤١). (اُهي نعمتون اُنهن کي آهن) جن صبر ڪيو ۽ (جي) پنهنجي پالڻهار تي ڀروسو ڪن ٿا (٤٢).

وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ اِلَّا رِجَالًا نُّوْحِیْۤ اِلَیْهِمْ فَسْـَٔلُوْۤا اَهْلَ
الذِّكْرِ اِنْ كُنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۴۳﴾ لا بِالْبَیِّنٰتِ وَالزُّبُرِ ؕ وَاَنْزَلْنَاۤ اِلَیْكَ
الذِّكْرَ لِتُبَیِّنَ لِلنَّاسِ مَا نُزِّلَ اِلَیْهِمْ وَلَعَلَّهُمْ یَتَفَكَّرُوْنَ ﴿۴۴﴾
اَفَاَمِنَ الَّذِیْنَ مَكَرُوا السَّیِّاٰتِ اَنْ یَّخْسِفَ اللّٰهُ بِهِمُ الْاَرْضَ
اَوْ یَاْتِیَهُمُ الْعَذَابُ مِنْ حَیْثُ لَا یَشْعُرُوْنَ ﴿۴۵﴾ لا اَوْ یَاْخُذَهُمْ
فِیْ تَقَلُّبِهِمْ فَمَا هُمْ بِمُعْجِزِیْنَ ﴿۴۶﴾ لا اَوْ یَاْخُذَهُمْ عَلٰی تَخَوُّفٍ ؕ فَاِنَّ
رَبَّكُمْ لَرَءُوْفٌ رَّحِیْمٌ ﴿۴۷﴾ اَوَلَمْ یَرَوْا اِلٰی مَا خَلَقَ اللّٰهُ مِنْ شَیْءٍ
یَّتَفَیَّؤُا ظِلٰلُهٗ عَنِ الْیَمِیْنِ وَالشَّمَآئِلِ سُجَّدًا لِّلّٰهِ وَهُمْ
دٰخِرُوْنَ ﴿۴۸﴾ وَلِلّٰهِ یَسْجُدُ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَمَا فِی الْاَرْضِ مِنْ
دَآبَّةٍ وَّالْمَلٰٓئِكَةُ وَهُمْ لَا یَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿۴۹﴾ یَخَافُوْنَ رَبَّهُمْ مِّنْ فَوْقِهِمْ
وَیَفْعَلُوْنَ مَا یُؤْمَرُوْنَ ﴿۵۰﴾ السجدة ۩ وَقَالَ اللّٰهُ لَا تَتَّخِذُوْۤا اِلٰهَیْنِ اثْنَیْنِ ۚ
اِنَّمَا هُوَ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَاِیَّایَ فَارْهَبُوْنِ ﴿۵۱﴾ وَلَهٗ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَ
الْاَرْضِ وَلَهُ الدِّیْنُ وَاصِبًا ؕ اَفَغَیْرَ اللّٰهِ تَتَّقُوْنَ ﴿۵۲﴾ وَمَا بِكُمْ
مِّنْ نِّعْمَةٍ فَمِنَ اللّٰهِ ثُمَّ اِذَا مَسَّكُمُ الضُّرُّ فَاِلَیْهِ تَجْـَٔرُوْنَ ﴿۵۳﴾ ۚ
ثُمَّ اِذَا كَشَفَ الضُّرَّ عَنْكُمْ اِذَا فَرِیْقٌ مِّنْكُمْ بِرَبِّهِمْ یُشْرِكُوْنَ ﴿۵۴﴾ لا

۽ (اي پيغمبر!) تو کان اڳ (ڪو پيغمبر) مردن کان سواءِ نہ موڪليو اٿئون اُنهن ڏانهن وحي ٿي ڪيوسون پوءِ (اي انسانؤ!) جيڪڏهن (اوهين) نہ ڄاڻندا آهيو تہ علم وارن کان پڇو (٤٣). دليلن ۽ ڪتابن سان (موڪلياسون)۔ ۽ اسان توڏانهن قرآن هن لاءِ نازل ڪيو تہ جيڪي ماڻهن لاءِ نازل ڪيو ويو آهي سو اُنهن کي بيان ڪري ٻڌائين ۽ مانَ اُهي سوچين (٤٤). جن براين جي رٿ رٿي سي (هن ڳالهہ کان) بي پروا ٿيا آهن ڇا تہ الله کين زمين ۾ ڳهائي ڇڏي يا جتان نہ ڄاڻندا هجن اُتان مٿن عذاب اچي؟ (٤٥). يا اُنهن کي سندن گهمڻ ڦرڻ ۾ پڪڙي پوءِ اُهي عاجز ڪرڻ وارا نہ آهن (٤٦). يا ڊپوائتي حالت ۾ کين پڪڙي پوءِ اوهان جو پالڻهار ٻاجهارو مهربان آهي (٤٧). الله جيڪي شيون خلقيون تن ڏانهن ڇو نہ ڏسندا آهن جو سندن پاڇا سڄي ۽ کٻي (پاسي) الله کي سجدو ڪندڙ ٿي لڙندا آهن ۽ اُهي عاجزي ڪندڙ آهن (٤٨). ۽ جيڪي آسمانن ۾ آهي سي ۽ جيڪي ساهدار زمين ۾ آهن سي ۽ ملائڪ (سڀ) الله کي سجدو ڪندا آهن ۽ اُهي وڏائي نہ ڪندا آهن (٤٩). (ملائڪ) پنهنجي پالڻهار کان ڊڄندا آهن جو سندن مٿان آهي ۽ جيڪو حڪم کين ڏبو آهي سو ڪندا آهن (٥٠). ۽ الله فرمايو آهي تہ اوهين ٻہ خدا ڪري نہ وٺو، اُن هڪ الله کان سواءِ ٻيو ڪو عبادت جو لائق نہ آهي، تنهن ڪري اوهين خاص مون کان ڊڄندا رهو (٥١). ۽ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو سندس آهي ۽ اُن جي عبادت سدائين (لازم) آهي۔ پوءِ الله کان سواءِ ٻين کان ڇو ڊڄندا آهيو؟ (٥٢). ۽ جيڪا نعمت اوهان تي ٿيل آهي سا الله جي پار کان آهي۔ پوءِ جڏهن اوهان تي سختي پهچي ٿي تڏهن ڏانهنس دانهون ڪندا آهيو (٥٣). وري جڏهن اوهان کان ڏک لاهي (تڏهن) جهٽ پٽ اوهان مان ڪا ٽولي پنهنجي پالڻهار سان شريڪ مقرر ڪندي آهي۔ (٥٤).

لِيَكْفُرُوْا بِمَآ اٰتَيْنٰهُمْ ۭ فَتَمَتَّعُوْا ۣ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ﴿٥٥﴾ وَيَجْعَلُوْنَ
لِمَا لَا يَعْلَمُوْنَ نَصِيْبًا مِّمَّا رَزَقْنٰهُمْ ۭ تَاللّٰهِ لَتُسْـَٔلُنَّ عَمَّا كُنْتُمْ
تَفْتَرُوْنَ ﴿٥٦﴾ وَيَجْعَلُوْنَ لِلّٰهِ الْبَنٰتِ سُبْحٰنَهٗ ۙ وَلَهُمْ مَّا يَشْتَهُوْنَ ﴿٥٧﴾
وَاِذَا بُشِّرَ اَحَدُهُمْ بِالْاُنْثٰى ظَلَّ وَجْهُهٗ مُسْوَدًّا وَّهُوَ كَظِيْمٌ ﴿٥٨﴾ ۚ
يَتَوَارٰى مِنَ الْقَوْمِ مِنْ سُوْۗءِ مَا بُشِّرَ بِهٖ ۭ اَيُمْسِكُهٗ عَلٰي هُوْنٍ اَمْ
يَدُسُّهٗ فِي التُّرَابِ ۭ اَلَا سَاۗءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ﴿٥٩﴾ لِلَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ
بِالْاٰخِرَةِ مَثَلُ السَّوْءِ ۚ وَلِلّٰهِ الْمَثَلُ الْاَعْلٰى ۭ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٦٠﴾ ع
وَلَوْ يُؤَاخِذُ اللّٰهُ النَّاسَ بِظُلْمِهِمْ مَّا تَرَكَ عَلَيْهَا مِنْ دَاۗبَّةٍ وَّلٰكِنْ
يُّؤَخِّرُهُمْ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ۚ فَاِذَا جَاۗءَ اَجَلُهُمْ لَا يَسْتَاْخِرُوْنَ
سَاعَةً وَّلَا يَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿٦١﴾ وَيَجْعَلُوْنَ لِلّٰهِ مَا يَكْرَهُوْنَ وَتَصِفُ
اَلْسِنَتُهُمُ الْكَذِبَ اَنَّ لَهُمُ الْحُسْنٰى ۭ لَا جَرَمَ اَنَّ لَهُمُ النَّارَ وَ
اَنَّهُمْ مُّفْرَطُوْنَ ﴿٦٢﴾ تَاللّٰهِ لَقَدْ اَرْسَلْنَآ اِلٰٓى اُمَمٍ مِّنْ قَبْلِكَ
فَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ فَهُوَ وَلِيُّهُمُ الْيَوْمَ وَلَهُمْ عَذَابٌ
اَلِيْمٌ ﴿٦٣﴾ وَمَآ اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ اِلَّا لِتُبَيِّنَ لَهُمُ الَّذِي
اخْتَلَفُوْا فِيْهِ ۙ وَهُدًى وَّرَحْمَةً لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٦٤﴾

هن لاءِ تہ ڪين جيڪي ڏنوسون تنهن جي بي شڪري ڪن- پوءِ دنيا ۾ خوش گذاريو، پوءِ سگهو ڄاڻندؤ (٥٥). ۽ جيڪي ڪين ڏنوسون تنهن مان (ڪافر) اُنهن (بتن) لاءِ حصو مقرر ڪندا آهن جي نہ ڄاڻندا آهن- الله جو قسم آهي تہ جيڪي ٺاهه ٺاهيندا آهيو تنهن بابت ضرور پڇيا ويندؤ (٥٦). ۽ الله لاءِ ڌيئرون (مقرر) ڪندا آهن، اُهو پاڪ آهي، ۽ پاڻ لاءِ جيڪي وڻندو اٿن (يعني پٽ- سو مقرر ڪندا آهن) (٥٧). ۽ جڏهن منجهائن ڪنهن هڪ کي ڌيءَ (ڄمڻ) جي خبر ڏبي آهي (تڏهن) سندس منهن ڪارو ٿي ويندو آهي ۽ اُهو ڏک پريل ٿيندو آهي (٥٨). جيڪا کيس خراب خبر ڏني ويئي تنهن جي (ناراضپي) سببان قوم کان پيو لڪندو آهي- (ڳڻتيءَ ۾ پوندو آهي تہ) اُن (ڌيءَ جي ٻار) کي خواريءَ هوندي (بہ زنده) رکي يا اُن کي مٽيءَ ۾ دٻي ڇڏي- خبردار اُهي جيڪو فيصلو ڪندا آهن سو بڇڙو آهي (٥٩). جيڪي آخرت کي نہ مڃيندا آهن تن جو مثال بڇڙو آهي- ۽ الله جو مثال مٿاهون آهي- ۽ اُهو غالب حڪمت وارو آهي (٦٠). ۽ جيڪڏهن الله ماڻهن کي سندن ظلم سببان پڪڙي تہ ڪنهن چُرندڙ کي زمين تي نہ ڇڏي پر اُنهن کي مقرر مدت تائين مهلت ڏيندو آهي، پوءِ جنهن مهل سندن مدت پهچندي (تنهن مهل) هڪ گهڙي نڪي دير ڪندا ۽ نڪي اڳيرو ويندا (٦١). ۽ الله لاءِ اُها شيءِ مقرر ڪندا آهن جيڪا (پاڻ) ناپسند ڪندا آهن ۽ سندن زبانون ڪوڙ بڪنديون آهن تہ، سندن لاءِ (چوتڪاري جي) چڱائي آهي. بلاشڪ اُنهن لاءِ (دوزخ جي) باهه آهي ۽ اُهي حد کان لنگهي ويل آهن (٦٢). الله جو قسم آهي تہ بيشڪ توکان اڳ اُمتن ڏانهن (پيغمبر) موڪلياسون پوءِ کين شيطان سندن عمل چڱا ڪري ڏيکاريا پوءِ اُهو اڄ سندن دوست آهي ۽ اُنهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (٦٣). ۽ (اي پيغمبر!) توتي ڪتاب هن کان سواءِ نازل نہ ڪيو سون تہ جن اُن بابت تڪرار ڪيو تن لاءِ تون وضاحت ڪرين ۽ (پڻ) مؤمن قوم لاءِ هدايت ۽ ٻاجهہ آهي (٦۴).

وَاللّٰهُ اَنۡزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَحۡيَا بِهِ الۡاَرۡضَ بَعۡدَ مَوۡتِهَا ؕ اِنَّ فِىۡ
ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوۡمٍ يَّسۡمَعُوۡنَ ﴿٦٥﴾ وَاِنَّ لَـكُمۡ فِى الۡاَنۡعَامِ لَعِبۡرَةً ؕ نُسۡقِيۡكُمۡ
مِّمَّا فِىۡ بُطُوۡنِهٖ مِنۡۢ بَيۡنِ فَرۡثٍ وَّدَمٍ لَّبَنًا خَالِصًا سَآٮِٕغًا لِّلشّٰرِبِيۡنَ ﴿٦٦﴾
وَمِنۡ ثَمَرٰتِ النَّخِيۡلِ وَالۡاَعۡنَابِ تَتَّخِذُوۡنَ مِنۡهُ سَكَرًا وَّرِزۡقًا
حَسَنًا ؕ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوۡمٍ يَّعۡقِلُوۡنَ ﴿٦٧﴾ وَاَوۡحٰى رَبُّكَ اِلَى
النَّحۡلِ اَنِ اتَّخِذِىۡ مِنَ الۡجِبَالِ بُيُوۡتًا وَّمِنَ الشَّجَرِ وَمِمَّا يَعۡرِشُوۡنَ ﴿٦٨﴾ۙ
ثُمَّ كُلِىۡ مِنۡ كُلِّ الثَّمَرٰتِ فَاسۡلُكِىۡ سُبُلَ رَبِّكِ ذُلُلًا ؕ يَخۡرُجُ مِنۡۢ
بُطُوۡنِهَا شَرَابٌ مُّخۡتَلِفٌ اَلۡوَانُهٗ فِيۡهِ شِفَآءٌ لِّلنَّاسِ ؕ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ
لَاٰيَةً لِّقَوۡمٍ يَّتَفَكَّرُوۡنَ ﴿٦٩﴾ وَاللّٰهُ خَلَقَكُمۡ ثُمَّ يَتَوَفّٰٮكُمۡ ۙ وَمِنۡكُمۡ مَّنۡ
يُّرَدُّ اِلٰٓى اَرۡذَلِ الۡعُمُرِ لِكَىۡ لَا يَعۡلَمَ بَعۡدَ عِلۡمٍ شَيۡــًٔا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيۡمٌ
قَدِيۡرٌ ﴿٧٠﴾ وَاللّٰهُ فَضَّلَ بَعۡضَكُمۡ عَلٰى بَعۡضٍ فِى الرِّزۡقِ ۚ فَمَا الَّذِيۡنَ
فُضِّلُوۡا بِرَآدِّىۡ رِزۡقِهِمۡ عَلٰى مَا مَلَـكَتۡ اَيۡمَانُهُمۡ فَهُمۡ فِيۡهِ سَوَآءٌ ؕ اَفَبِنِعۡمَةِ
اللّٰهِ يَجۡحَدُوۡنَ ﴿٧١﴾ وَاللّٰهُ جَعَلَ لَـكُمۡ مِّنۡ اَنۡفُسِكُمۡ اَزۡوَاجًا وَّ
جَعَلَ لَـكُمۡ مِّنۡ اَزۡوَاجِكُمۡ بَنِيۡنَ وَحَفَدَةً وَّرَزَقَكُمۡ مِّنَ
الطَّيِّبٰتِ ؕ اَفَبِالۡبَاطِلِ يُؤۡمِنُوۡنَ وَبِنِعۡمَتِ اللّٰهِ هُمۡ يَكۡفُرُوۡنَ ﴿٧٢﴾ۙ

۽ الله آسمان کان (مينهن جو) پاڻي وسايو پوءِ اُن سان زمين کي سندس ويرانيءَ کان پوءِ آباد ڪيائين- بيشڪ اُن ۾ ٻڌندڙ قوم لاءِ نشاني آهي (٦٥). ۽ بيشڪ ڍورن ۾ اوهان لاءِ عبرت آهي- جيڪي سندن پيٽن ۾ آهي تنهن مان ڇيڻن ۽ رت جي وچان نج کير اوهان کي پياريندا آهيون جو پيئندڙن کي لذت ڏيندڙ آهي (٦٦). ۽ کجين جي ۽ انگورن جي ميون مان ڪو (اهڙو قسم) آهي جو ان مان شراب ۽ سٺي روزي ٺاهيندا آهيو- بيشڪ اُن ۾ سمجهدار قوم لاءِ نشاني آهي (٦٧). ۽ تنهنجي پالڻهار ماکيءَ جي مک ڏانهن الهام ڪيو تہ ڪن جبلن ۾ ۽ وڻن ۾ ۽ جن (شين) مان (ماڻهو گهرن جون) ڇتيون جوڙيندا آهن تن ۾ گهر ٺاهءِ (٦٨). وري هر جنس جي ميون مان کاءُ پوءِ پنهنجي پالڻهار جي واٽن تي آسانيءَ سان هل- سندس پيٽن مان رنگا رنگ پيئڻ جي شيءِ (يعني ماکي) نڪرندي آهي منجهس ماڻهن لاءِ شفا آهي- بيشڪ اُن ۾ سوچ ڪندڙ قوم لاءِ عبرت آهي (٦٩). ۽ الله اوهان کي خلقيو وري اوهان کي ماريندو، ۽ اوهان مان ڪو نڪمي (جهور) عمر ڏانهن هن لاءِ موٽايو ويندو آهي تہ ڄاڻڻ کان پوءِ ڪجھ نہ ڄاڻي- بيشڪ الله وڏو ڄاڻندڙ وڏي وس وارو آهي (٧٠). ۽ الله اوهان مان هڪڙن کي ٻين کان وڌيڪ روزي ڏني آهي، پوءِ اُهي وڌ ڏنل روزي وارا پنهنجي روزيءَ کي پنهنجن ٻانهن تي موٽائڻ وارا نہ آهن تہ اُهي (سڀ) منجهس برابر هجن- پوءِ الله جي نعمتن جو ڇو انڪار ڪندا آهن؟ (٧١). ۽ الله اوهان لاءِ اوهان جي جنس مان زالون پيدا ڪيون ۽ اوهان جي زالن مان پٽ ۽ پوٽا (پيدا) ڪيائين ۽ اوهان کي سٺين شين مان روزي ڏنائين- پوءِ ڇو باطل کي مڃيندا آهن ۽ اُهي ڇو الله جي نعمتن جو انڪار ڪندا آهن؟ (٧٢).

وَيَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَمْلِكُ لَهُمْ رِزْقًا مِّنَ
السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ شَيْــًٔا وَّلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ﴿٧٣﴾ فَلَا تَضْرِبُوْا
لِلّٰهِ الْاَمْثَالَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ وَاَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٧٤﴾ ضَرَبَ
اللّٰهُ مَثَلًا عَبْدًا مَّمْلُوْكًا لَّا يَقْدِرُ عَلٰى شَيْءٍ وَّمَنْ رَّزَقْنٰهُ
مِنَّا رِزْقًا حَسَنًا فَهُوَ يُنْفِقُ مِنْهُ سِرًّا وَّجَهْرًا ؕ هَلْ
يَسْتَوٗنَ ؕ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ ؕ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٧٥﴾ وَضَرَبَ
اللّٰهُ مَثَلًا رَّجُلَيْنِ اَحَدُهُمَآ اَبْكَمُ لَا يَقْدِرُ عَلٰى شَيْءٍ وَّهُوَ
كَلٌّ عَلٰى مَوْلٰىهُ ۙ اَيْنَمَا يُوَجِّهْهُّ لَا يَاْتِ بِخَيْرٍ ؕ هَلْ يَسْتَوِيْ
هُوَ ۙ وَمَنْ يَّاْمُرُ بِالْعَدْلِ ۙ وَهُوَ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٧٦﴾ ع
وَلِلّٰهِ غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَمَآ اَمْرُ السَّاعَةِ اِلَّا
كَلَمْحِ الْبَصَرِ اَوْ هُوَ اَقْرَبُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٧٧﴾
وَاللّٰهُ اَخْرَجَكُمْ مِّنْۢ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ شَيْــًٔا ۙ وَّ
جَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ وَالْاَفْـِٕدَةَ ۙ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٧٨﴾
اَلَمْ يَرَوْا اِلَى الطَّيْرِ مُسَخَّرٰتٍ فِيْ جَوِّ السَّمَآءِ ؕ مَا يُمْسِكُهُنَّ
اِلَّا اللّٰهُ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٧٩﴾

۽ الله ڌاران اُنهن جي عبادت ڪندا آهن جيڪي آسمانن ۽ زمين مان ڪين روزي ڏيڻ جو ڪجھ اختيار نہ رکندا آهن ۽ نہ ڪي (ڪجھ ڪري) سگھندا آهن (٧٣). پوءِ الله لاءِ (ٻچڙا) مثال بيان نہ ڪريو- ڇو تہ الله ڄاڻندو آهي ۽ اوهين نہ ڄاڻندا آهيو (٧۴). الله هڪ خريد ٿيل ٻانهي جو مثال بيان ڪري ٿو جنهن جو ڪنهن شيءِ تي وس نہ هجي ۽ (ٻيو) اُهو جنهن کي پاڻ وٽان چڱي روزي ڏني سون پوءِ اُهو اُن مان (اسان جي وٽ ۾) ڳجهو ۽ پڌرو خرچ ڪندو هجي (اُهي ٻئي پاڻ ۾) برابر آهن ڇا؟ سڀ ساراهہ الله کي جڳائي- پر اُنهن مان گھڻا نہ ڄاڻندا آهن (٧٥). ۽ الله ٻن ماڻهن جو (ٻيو) مثال بيان ڪري ٿو جن ٻنهي مان هڪڙو گونگو هجي ڪنهن شيءِ تي وس ڪونہ هجيس ۽ اُهو پنهنجي مالڪ تي بار هجي جيڏانهن موڪليس اُتان ڪا ڀلائي نہ آڻي- اُهو اُنهيءَ جي برابر آهي ڇا جيڪو اِنصاف جو حڪم ڏئي ۽ اُهو سڌي واٽ تي هجي؟ (٧٦). ۽ آسمانن ۽ زمين جو ڳجھ الله کي (معلوم) آهي- ۽ قيامت (آڻڻ) جو ڪم (سندس اڳيان) رڳي اک ڇنڀ (جي دير) جھڙو آهي بلڪ اُهو اُنهي کان بہ وڌيڪ نزديڪ آهي- ڇو تہ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي (٧٧). ۽ الله اوهان کي اوهان جي مائن جي پيٽن مان ڪڍيو جو ڪجھ نہ ڄاڻندا هيؤ ۽ اوهان جا ڪن ۽ اکيون ۽ دليون بڻايائين تہ مانَ اوهين شڪرانو ڪريو (٧٨). آسمان جي فضا ۾ لڙڪيل پکين ڏانهن نہ ڏسندا آهن ڇا؟ اُنهن کي الله کان سواءِ ڪوئي نہ جهليندو آهي- بيشڪ اُن ۾ ايمان واري قوم لاءِ نشانيون آهن (٧٩).

وَاللّٰهُ جَعَلَ لَكُمْ مِّنْۢ بُيُوْتِكُمْ سَكَنًا وَّجَعَلَ لَكُمْ مِّنْ جُلُوْدِ
الْاَنْعَامِ بُيُوْتًا تَسْتَخِفُّوْنَهَا يَوْمَ ظَعْنِكُمْ وَيَوْمَ اِقَامَتِكُمْ ۙ
وَمِنْ اَصْوَافِهَا وَاَوْبَارِهَا وَاَشْعَارِهَاۤ اَثَاثًا وَّمَتَاعًا
اِلٰى حِيْنٍ ﴿٨٠﴾ وَاللّٰهُ جَعَلَ لَكُمْ مِّمَّا خَلَقَ ظِلٰلًا وَّجَعَلَ لَكُمْ
مِّنَ الْجِبَالِ اَكْنَانًا وَّجَعَلَ لَكُمْ سَرَابِيْلَ تَقِيْكُمُ الْحَرَّ
وَسَرَابِيْلَ تَقِيْكُمْ بَاْسَكُمْ ؕ كَذٰلِكَ يُتِمُّ نِعْمَتَهٗ عَلَيْكُمْ
لَعَلَّكُمْ تُسْلِمُوْنَ ﴿٨١﴾ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا عَلَيْكَ الْبَلٰغُ
الْمُبِيْنُ ﴿٨٢﴾ يَعْرِفُوْنَ نِعْمَتَ اللّٰهِ ثُمَّ يُنْكِرُوْنَهَا وَاَكْثَرُهُمُ
الْكٰفِرُوْنَ ﴿٨٣﴾ ع وَيَوْمَ نَبْعَثُ مِنْ كُلِّ اُمَّةٍ شَهِيْدًا ثُمَّ لَا
يُؤْذَنُ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَلَا هُمْ يُسْتَعْتَبُوْنَ ﴿٨٤﴾ وَاِذَا رَاَ الَّذِيْنَ
ظَلَمُوا الْعَذَابَ فَلَا يُخَفَّفُ عَنْهُمْ وَلَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ ﴿٨٥﴾ وَ
اِذَا رَاَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا شُرَكَآءَهُمْ قَالُوْا رَبَّنَا هٰٓؤُلَآءِ
شُرَكَآؤُنَا الَّذِيْنَ كُنَّا نَدْعُوْا مِنْ دُوْنِكَ ۚ فَاَلْقَوْا
اِلَيْهِمُ الْقَوْلَ اِنَّكُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿٨٦﴾ ۚ وَاَلْقَوْا اِلَى اللّٰهِ
يَوْمَئِذِ ۨالسَّلَمَ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿٨٧﴾

۽ الله اوهان جي گهرن مان اوهان لاءِ آرام (جو هنڌ) بڻايو ۽ ڍورن جي چمڙن مان اوهان لاءِ گهر بڻايائين جن کي اوهين پنهنجي مسافري جي ڏينهن ۽ پنهنجي ڪنهن هنڌ رهڻ جي ڏينهن ۾ هلڪو ڀائيندا آهيو ۽ سندن اُنن ۽ سندن ملسن ۽ سندن ڏاسن مان (گهر جو) اسباب ۽ فائدي جو سامان بڻايو تا (جو ڳچ) مدت تائين (ڪم ڏئي تو) (٨٠). ۽ الله پنهنجي خلقيل شين مان اوهان لاءِ ڇانئون بڻايون ۽ جبلن مان اوهان لاءِ ڇُرون بڻايائين ۽ اوهان لاءِ ڪپڙا بڻايائين جي اوهان کي گرمي (۽ سردي) کان بچائيندا آهن ۽ ڪپڙا جي، اوهان کي اوهان جي ويڙهه کان بچائيندا آهن- اهڙي طرح اوهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪندو آهي ته مانَ اوهين فرمانبرداري ڪريو (٨١). پوءِ جيڪڏهن ڦرندا ته (اي پيغمبر) تو تي پڌري پيغام پهچائڻ کان سواءِ (ٻيو ڪي) نه آهي (٨٢). الله جي نعمت ڄاڻندا آهن وري اُن کي نه مڃيندا آهن ۽ اُنهن مان گهڻا ڪافر آهن (٨٣). ۽ جنهن ڏينهن سڀ ڪنهن ٽوليءَ مان (هڪ) شاهد کڙو ڪنداسون اُنهيءَ ڏينهن ڪافرن کي (عذر ڪرڻ لاءِ) موڪل نه ڏبي ۽ نڪي اُنهن جا عذر قبول ڪيا ويندا (٨۴). ۽ جڏهن ظالم عذاب ڏسندا تڏهن ڪانئن (عذاب) نڪي هلڪو ڪبو ۽ نڪي اُنهن کي مهلت ڏبي (٨٥). ۽ جڏهن مشرڪ پنهنجن ٻتن کي ڏسندا (تڏهن) چوندا ته اي اسان جا پالڻهار! هي اسان جا اُهي ٻت آهن جن کي توکان سواءِ سڏيندا هئاسين، پوءِ اُهي (ٻت) اُنهن کي ورندي ڏيندا ته اوهين ڪوڙا آهيو (٨٦). اُنهيءَ ڏينهن الله جي اڳو عاجزي ڪندا ۽ جيڪو ناهه ناهيندا هئا سو ڪانئن ڀُلجي ويندو (٨٧).

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ زِدْنٰهُمْ عَذَابًا
فَوْقَ الْعَذَابِ بِمَا كَانُوْا يُفْسِدُوْنَ ﴿٨٨﴾ وَيَوْمَ نَبْعَثُ فِيْ كُلِّ
اُمَّةٍ شَهِيْدًا عَلَيْهِمْ مِّنْ اَنْفُسِهِمْ وَجِئْنَا بِكَ شَهِيْدًا
عَلٰى هٰۤؤُلَآءِ ؕ وَنَزَّلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ تِبْيَانًا لِّكُلِّ شَيْءٍ وَّ
هُدًى وَّرَحْمَةً وَّبُشْرٰى لِلْمُسْلِمِيْنَ ﴿٨٩﴾ ع اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُ
بِالْعَدْلِ وَالْاِحْسَانِ وَاِيْتَآئِ ذِي الْقُرْبٰى وَيَنْهٰى عَنِ
الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ وَالْبَغْيِ ۚ يَعِظُكُمْ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿٩٠﴾ وَ
اَوْفُوْا بِعَهْدِ اللّٰهِ اِذَا عٰهَدْتُّمْ وَلَا تَنْقُضُوا الْاَيْمَانَ
بَعْدَ تَوْكِيْدِهَا وَقَدْ جَعَلْتُمُ اللّٰهَ عَلَيْكُمْ كَفِيْلًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ
يَعْلَمُ مَا تَفْعَلُوْنَ ﴿٩١﴾ وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّتِيْ نَقَضَتْ غَزْلَهَا
مِنْۢ بَعْدِ قُوَّةٍ اَنْكَاثًا ؕ تَتَّخِذُوْنَ اَيْمَانَكُمْ دَخَلًۢا بَيْنَكُمْ اَنْ
تَكُوْنَ اُمَّةٌ هِيَ اَرْبٰى مِنْ اُمَّةٍ ؕ اِنَّمَا يَبْلُوْكُمُ اللّٰهُ بِهٖ ؕ وَلَيُبَيِّنَنَّ
لَكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ مَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿٩٢﴾ وَلَوْ شَآءَ
اللّٰهُ لَجَعَلَكُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلٰكِنْ يُّضِلُّ مَنْ يَّشَآءُ
وَيَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَلَتُسْئَلُنَّ عَمَّا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٣﴾

جن انڪار ڪيو ۽ الله جي واٽ کان (ماڻهن کي) جهليو تن کي عذاب
جي مٿان عذاب انهيءَ سببان وڌائينداسون جو (هو) فساد ڪندا هئا (٨٨).
۽ اُن ڏينهن هر ٽوليءَ ۾ سندن جنس مان مٿن شاهد بيهاريندا سون ۽ (اي
پيغمبر!) توکي هنن (ڪافرن) تي شاهد آڻينداسون. ۽ هر شيءِ جي
وضاحت لاءِ ۽ مسلمانن جي هدايت ۽ ٻاجھ ۽ خوشخبري ڏيڻ لاءِ تو تي
ڪتاب نازل ڪيو سون (٨٩). بيشڪ الله انصاف ۽ ڀلائي (ڪرڻ) ۽
مائٽي وارن کي ڏيڻ جو حڪم ڪري ٿو ۽ بي حيائيءَ ۽ برائيءَ ۽
زبردستيءَ کان جهلي ٿو، اوهان کي نصيحت ڏئي ٿو ته مانَ اَوهين نصيحت
وٺو (٩٠). ۽ جڏهن اوهين الله جو (نالو وٺي پاڻ ۾) انجام ڪريو (تڏهن
اُهو) انجام پاڙيو ۽ اوهين قسمن کي سندن پڪي ڪرڻ کان پوءِ نه ڀڃو جو
بيشڪ الله کي پاڻ تي نگهبان ڪيو اٿو. جو ته جيڪي ڪندا آهيو سو
الله ڄاڻندو آهي (٩١). ۽ اُن عورت وانگر نه ٿيو جنهن پنهنجو سٽ (ڪتڻ
۽) پڪي ڪرڻ کان پوءِ ڇني ڪوهي ڇڏيو. اوهين قسمن کي هن لاءِ پاڻ
۾ حيلو بڻايو ٿا ته (هڪ) ٽولي ٻيءَ ٽوليءَ کان وڌيڪ ٿئي. الله ته اوهان
کي رڳو اُن سان پرکيندو آهي. ۽ جنهن بابت اوهين تڪرار ڪندا آهيو
سو قيامت جي ڏينهن اوهان جي لاءِ ضرور بيان ڪندو (٩٢). ۽ جيڪڏهن
الله گهري ها ته اوهان کي هڪ جماعت ڪري ها پر جنهن جي لاءِ
وڻندو اٿس تنهن کي گمراه ڪندو آهي، ۽ جنهن جي لاءِ وڻندو اٿس
تنهن کي هدايت ڪندو آهي. ۽ جيڪي اوهين ڪندا آهيو تنهن بابت
اوهين ضرور پڇبؤ (٩٣).

وَلَا تَتَّخِذُوْٓا اَيْمَانَكُمْ دَخَلًا بَيْنَكُمْ فَتَزِلَّ قَدَمٌ بَعْدَ
ثُبُوْتِهَا وَتَذُوْقُوا السُّوْٓءَ بِمَا صَدَدْتُّمْ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۚ وَ
لَكُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٩٤﴾ وَلَا تَشْتَرُوْا بِعَهْدِ اللّٰهِ ثَمَنًا قَلِيْلًا ؕ
اِنَّمَا عِنْدَ اللّٰهِ هُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٩٥﴾ مَا عِنْدَكُمْ
يَنْفَدُ وَمَا عِنْدَ اللّٰهِ بَاقٍ ؕ وَلَنَجْزِيَنَّ الَّذِيْنَ صَبَرُوْٓا
اَجْرَهُمْ بِاَحْسَنِ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٩٦﴾ مَنْ عَمِلَ صَالِحًا
مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَلَنُحْيِيَنَّهٗ حَيٰوةً طَيِّبَةً ۚ
وَلَنَجْزِيَنَّهُمْ اَجْرَهُمْ بِاَحْسَنِ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٩٧﴾ فَاِذَا
قَرَاْتَ الْقُرْاٰنَ فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ﴿٩٨﴾
اِنَّهٗ لَيْسَ لَهٗ سُلْطٰنٌ عَلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَلٰى رَبِّهِمْ
يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿٩٩﴾ اِنَّمَا سُلْطٰنُهٗ عَلَى الَّذِيْنَ يَتَوَلَّوْنَهٗ وَالَّذِيْنَ
هُمْ بِهٖ مُشْرِكُوْنَ ﴿١٠٠﴾ ع وَاِذَا بَدَّلْنَآ اٰيَةً مَّكَانَ اٰيَةٍ ۙ وَّ
اللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا يُنَزِّلُ قَالُوْٓا اِنَّمَآ اَنْتَ مُفْتَرٍ ؕ بَلْ اَكْثَرُهُمْ
لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٠١﴾ قُلْ نَزَّلَهٗ رُوْحُ الْقُدُسِ مِنْ رَّبِّكَ بِالْحَقِّ
لِيُثَبِّتَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهُدًى وَّبُشْرٰى لِلْمُسْلِمِيْنَ ﴿١٠٢﴾

۽ اوهين پنهنجن قسمن کي پاڻ ۾ ٺڳي نہ بڻايو نہ تہ اُنهن جي پڪي ڪرڻ کان پوءِ اوهان جا پير ترڪندا ۽ (ماڻهن کي) الله جي واٽ کان جهلڻ سببان سزا چکندؤ، ۽ اوهان کي وڏو عذاب ٿيندو (۹۴). ۽ الله جي انجام کي ٿوري ملهہ سان نہ وڪڻو، چو تہ جيڪڏهن اوهين ڄاڻندا آهيو تہ جيڪي الله وَٽ آهي سو اوهان جي لاءِ چڱو آهي (۹۵). جيڪي اوهان وٽ آهي سو کپي ويندو ۽ جيڪي الله وٽ آهي سو هميشہ رهڻ وارو آهي۔ ۽ جن صبر ڪيو تن کي سندن عملن جو بلڪل ڀلو بدلو ڏينداسون (۹٦). جنهن چڱو عمل ڪيو (پوءِ) اُهو مرد هجي يا عورت ۽ اُهو مؤمن هوندو تہ ضرور کيس ڀلي حياتي ڏيئي جيارينداسون، ۽ جيڪي ڪندا هئا تنهن جو بدلو ضرور کين تمام ڀلو ڏينداسون (۹۷). پوءِ (اي پيغمبر!) جڏهن قرآن پڙهين تڏهن تڙيل شيطان (جي شر) کان الله جي سام پؤ (۹۸). اُن کي ايمان وارن تي ۽ جي پنهنجي پالڻهار تي ڀروسو ڪندا آهن تن تي ڪو غلبو نہ آهي (۹۹). سندس غلبو رڳو اُنهن تي آهي جيڪي کيس دوست رکندا آهن ۽ (اُنهن تي بہ) جيڪي الله سان شريڪ (مقرر) ڪندا آهن (۱۰۰). ۽ جڏهن هڪڙيءَ آيت جي جاءِ تي ٻي آيت مٽائي آڻيندا آهيون ۽ الله جيڪي نازل ڪندو آهي سو چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي (تڏهن) چوندا آهن تہ تون رڳو پاڻون ٺاهيندڙ آهين۔ (نہ!) بلڪ اُنهن مان گهڻا نہ ڄاڻندا آهن (۱۰۱). (اي پيغمبر!) کين چؤ تہ اُهو قرآن تنهنجي پالڻهار وٽان جبرئيل سچ سان هن لاءِ نازل ڪيو آهي تہ مؤمنن کي ثابت رکي ۽ مسلمانن لاءِ هدايت ۽ خوشخبري هجي (۱۰۲).

وَلَقَدْ نَعْلَمُ اَنَّهُمْ يَقُوْلُوْنَ اِنَّمَا يُعَلِّمُهٗ بَشَرٌ ؕ لِسَانُ الَّذِىْ
يُلْحِدُوْنَ اِلَيْهِ اَعْجَمِىٌّ وَّهٰذَا لِسَانٌ عَرَبِىٌّ مُّبِيْنٌ ﴿١٠٣﴾
اِنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ۙ لَا يَهْدِيْهِمُ اللّٰهُ وَلَهُمْ
عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١٠٤﴾ اِنَّمَا يَفْتَرِى الْكَذِبَ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ
بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ۚ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْكٰذِبُوْنَ ﴿١٠٥﴾ مَنْ كَفَرَ بِاللّٰهِ مِنْۢ
بَعْدِ اِيْمَانِهٖٓ اِلَّا مَنْ اُكْرِهَ وَقَلْبُهٗ مُطْمَئِنٌّۢ بِالْاِيْمَانِ وَلٰكِنْ
مَّنْ شَرَحَ بِالْكُفْرِ صَدْرًا فَعَلَيْهِمْ غَضَبٌ مِّنَ اللّٰهِ ۚ وَلَهُمْ
عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿١٠٦﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمُ اسْتَحَبُّوا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا
عَلَى الْاٰخِرَةِ ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٠٧﴾
اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ طَبَعَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَسَمْعِهِمْ وَاَبْصَارِهِمْ ۚ
وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْغٰفِلُوْنَ ﴿١٠٨﴾ لَا جَرَمَ اَنَّهُمْ فِى الْاٰخِرَةِ هُمُ
الْخٰسِرُوْنَ ﴿١٠٩﴾ ثُمَّ اِنَّ رَبَّكَ لِلَّذِيْنَ هَاجَرُوْا مِنْۢ بَعْدِ
مَا فُتِنُوْا ثُمَّ جٰهَدُوْا وَصَبَرُوْٓا ۙ اِنَّ رَبَّكَ مِنْۢ بَعْدِهَا
لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١١٠﴾ ع يَوْمَ تَاْتِىْ كُلُّ نَفْسٍ تُجَادِلُ عَنْ
نَّفْسِهَا وَتُوَفّٰى كُلُّ نَفْسٍ مَّا عَمِلَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿١١١﴾

۽ بيشڪ ڄاڻندا آهيون تہ اُهي چوندا آهن تہ اُن (پيغمبر) کي ڪو ماڻهو سيکاريندو آهي۔ جنهن ڏانهن اِها نسبت ڪندا آهن تنهن جي ٻولي عجمي آهي ۽ هيءُ (قرآن) چٽي عربي ٻوليءَ ۾ آهي (١٠٣). بيشڪ جيڪي الله جي آيتن کي نہ مڃيندا آهن تن کي الله سڌو رستو نہ ڏيکاريندو آهي ۽ اُنهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (١٠٤). ڪوڙو ٺاهُ اُنهن کان سواءِ ڪونہ ٺاهيندو آهي جيڪي الله جي آيتن کي نہ مڃيندا آهن، ۽ اُهي (پاڻ) ڪوڙا آهن (١٠٥). جنهن کي (ڪفر ڪرڻ تي) زور ڪيو وڃي (اُهو زبان سان ڪجھ چوي) ۽ سندس دل ايمان سان مطمئن هجي اُن کان سواءِ جيڪو پنهنجي ايمان آڻڻ کان پوءِ الله جو انڪار ڪري بلڪ جيڪو ڪفر سان سينو ويڪرو ڪري (يعني راضي ٿئي) اهڙن تي الله جو ڏمر آهي، ۽ اُنهن لاءِ وڏو عذاب آهي (١٠٦). اِهو هن ڪري جو اُنهن دنيا جي حياتي کي آخرت کان زياده پسند ڪيو آهي ۽ (اِنهيءَ ڪري) تہ الله ڪافرن جي قوم کي هدايت نہ ڪندو آهي (١٠٧). اِهي اُهي آهن جو سندن دلين ۽ سندن ڪنن ۽ سندن اَکين تي الله مُهر هڻي ۽ اُهي بي خبر آهن (١٠٨). بلاشڪ اُهي ئي آخرت ۾ خساري وارا آهن (١٠٩). وري بيشڪ تنهنجو پالڻهار اُنهن کي (بخشي ٿو) جيڪي (ڪفر جي ڪلمي چوڻ لاءِ ڪافرن جي هٿان) ايذايا ويا پوءِ وطن ڇڏيائون وري جهاد ڪيائون ۽ صبر ڪيائون. بيشڪ تنهنجو پالڻهار اُن کان پوءِ ضرور بخشڻهار مهربان آهي (١١٠). اُنهيءَ ڏينهن هر هڪ ماڻهو پنهنجي جيءَ طرفان جهيڙو ڪندو ايندو ۽ هر هڪ ماڻهو جيڪي ڪمايو تنهن جو ڪيس پورو بدلو ڏبو ۽ اُنهن سان ظلم نہ ڪبو (١١١).

وَضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا قَرْيَةً كَانَتْ اٰمِنَةً مُّطْمَئِنَّةً
يَّاْتِيْهَا رِزْقُهَا رَغَدًا مِّنْ كُلِّ مَكَانٍ فَكَفَرَتْ بِاَنْعُمِ
اللّٰهِ فَاَذَاقَهَا اللّٰهُ لِبَاسَ الْجُوْعِ وَالْخَوْفِ بِمَا كَانُوْا
يَصْنَعُوْنَ ﴿١١٢﴾ وَلَقَدْ جَآءَهُمْ رَسُوْلٌ مِّنْهُمْ فَكَذَّبُوْهُ
فَاَخَذَهُمُ الْعَذَابُ وَهُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿١١٣﴾ فَكُلُوْا مِمَّا
رَزَقَكُمُ اللّٰهُ حَلٰلًا طَيِّبًا ۖ وَّاشْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ اِنْ
كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ ﴿١١٤﴾ اِنَّمَا حَرَّمَ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةَ وَ
الدَّمَ وَلَحْمَ الْخِنْزِيْرِ وَمَآ اُهِلَّ لِغَيْرِ اللّٰهِ بِهٖ ۚ فَمَنِ
اضْطُرَّ غَيْرَ بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١١٥﴾
وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَا تَصِفُ اَلْسِنَتُكُمُ الْكَذِبَ هٰذَا
حَلٰلٌ وَّهٰذَا حَرَامٌ لِّتَفْتَرُوْا عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ ؕ اِنَّ
الَّذِيْنَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ لَا يُفْلِحُوْنَ ؕ ﴿١١٦﴾
مَتَاعٌ قَلِيْلٌ ۖ وَّلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١١٧﴾ وَعَلَى الَّذِيْنَ
هَادُوْا حَرَّمْنَا مَا قَصَصْنَا عَلَيْكَ مِنْ قَبْلُ ۚ وَمَا
ظَلَمْنٰهُمْ وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿١١٨﴾

۽ الله هڪ ڳوٺ جو (هڪ) قصو بيان ڪيو آهي جو امن ۽ سڪون سان هو اُن کي سندس روزي هر ڪنهن هنڌان ججهي ايندي هئي پوءِ الله جي نعمتن جي بي شڪري ڪيائين پوءِ جيڪي ڪندا هئا تنهن سببان الله کيس بک ۽ ڀوَ جي پوشاڪ (جو مزو) چکايو (١١٢). ۽ بيشڪ منجهائن (هڪ) پيغمبر وٽن آيو پوءِ کيس ڪوڙو ڀانيائون تنهن ڪري کين عذاب پڪڙيو ۽ اُهي ظالم هئا (١١٣). پوءِ الله اوهان کي جيڪا حلال (۽) سٺي شيءِ روزي ڪري ڏني تنهن مان کائو ۽ جيڪڏهن اوهين خاص الله جي عبادت ڪندا آهيو ته سندس نعمتن جو شڪرانو ڪريو (١١۴). مئل ڍور ۽ رت ۽ سوئر جو ماس ۽ جنهن شيءِ کي الله جي ناليءَ کان سواءِ ٻئي جي نالي سان سڏيو وڃي تنهن کان سواءِ ٻيو (ڪجهه ٻ) اوهان تي حرام نہ ڪيائين، پوءِ جيڪو نڪي بي فرماني ڪندڙ ۽ نہ ڪي حد کان لنگهندڙ ٿي لاچار ٿئي (۽ کائي) تہ بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي (١١٥). ۽ جن شين کي اوهان جون زبانون ڪوڙ سان بيان ڪنديون آهن تن لاءِ (هن ڪري) نہ چئو تہ هيءَ حلال آهي ۽ هيءَ حرام آهي تہ الله تي ڪوڙو ٺاهه ٺاهيو۔ ڇو تہ جيڪي الله تي ڪوڙو ٺاهه ٺاهيندا آهن سي (ڪڏهن) نہ ڇٽندا (١١٦). ۽ هيءَ (حياتي) ٿوري موڙي آهي ۽ اُنهن لاءِ آخرت ۾ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (١١٧). ۽ جيڪي تو تي هن کان اڳ بيان ڪيوسون سو يهودين تي حرام ڪيو هوسون، ۽ اسان مٿن ظلم نہ ڪيو پر (هو) پاڻ تي ظلم ڪندا هئا (١١٨).

ثُمَّ إِنَّ رَبَّكَ لِلَّذِينَ عَمِلُوا السُّوٓءَ بِجَهَالَةٍ ثُمَّ تَابُوا مِنۢ
بَعْدِ ذٰلِكَ وَأَصْلَحُوٓا إِنَّ رَبَّكَ مِنۢ بَعْدِهَا لَغَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿۱۱۹﴾ ع
إِنَّ إِبْرٰهِيمَ كَانَ أُمَّةً قَانِتًا لِّلّٰهِ حَنِيفًا ط وَلَمْ يَكُ مِنَ
الْمُشْرِكِينَ ﴿۱۲۰﴾ شَاكِرًا لِّأَنْعُمِهِ ط اجْتَبٰهُ وَهَدٰهُ إِلٰى صِرَاطٍ
مُّسْتَقِيمٍ ﴿۱۲۱﴾ وَاٰتَيْنٰهُ فِى الدُّنْيَا حَسَنَةً ط وَإِنَّهُ فِى الْاٰخِرَةِ لَمِنَ
الصّٰلِحِينَ ﴿۱۲۲﴾ ط ثُمَّ أَوْحَيْنَآ إِلَيْكَ أَنِ اتَّبِعْ مِلَّةَ إِبْرٰهِيمَ حَنِيفًا ط
وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِينَ ﴿۱۲۳﴾ إِنَّمَا جُعِلَ السَّبْتُ عَلَى الَّذِينَ
اخْتَلَفُوا فِيهِ ط وَإِنَّ رَبَّكَ لَيَحْكُمُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيمَا
كَانُوا فِيهِ يَخْتَلِفُونَ ﴿۱۲۴﴾ اُدْعُ إِلٰى سَبِيلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ
وَالْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ وَجَادِلْهُمْ بِالَّتِى هِىَ أَحْسَنُ ط إِنَّ
رَبَّكَ هُوَ أَعْلَمُ بِمَنْ ضَلَّ عَنْ سَبِيلِهِ وَهُوَ أَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِينَ ﴿۱۲۵﴾
وَإِنْ عَاقَبْتُمْ فَعَاقِبُوا بِمِثْلِ مَا عُوقِبْتُمْ بِهِ ط وَلَئِنْ
صَبَرْتُمْ لَهُوَ خَيْرٌ لِّلصّٰبِرِينَ ﴿۱۲۶﴾ وَاصْبِرْ وَمَا صَبْرُكَ إِلَّا بِاللّٰهِ
وَلَا تَحْزَنْ عَلَيْهِمْ وَلَا تَكُ فِى ضَيْقٍ مِّمَّا يَمْكُرُونَ ﴿۱۲۷﴾
إِنَّ اللّٰهَ مَعَ الَّذِينَ اتَّقَوا وَّالَّذِينَ هُمْ مُّحْسِنُونَ ﴿۱۲۸﴾ ع

وري جن بي سمجهائي سان بڇڙا ڪم ڪيا وري اُن کان پوءِ توبهه ڪيائون ۽ پاڻ سڌاريائون تن لاءِ تنهنجو پالڻهار اُن (توبهه) کان پوءِ بلڪل ضرور بخشڻهار مهربان آهي (١١٩). ابراهيم هڪ طرفو ٿيل الله جي عبادت ڪندڙ امام هو ۽ مشرڪن مان نه هو (١٢٠). الله جي نعمتن جو شڪر ڪندڙ هو- (الله) کيس سڳورو ڪيو ۽ سڌي واٽ ڏانهن هدايت ڪيائينس (١٢١). ۽ دنيا ۾ کيس چڱائي ڏني سون- ۽ بيشڪ اُهو آخرت ۾ ڀلارن مان آهي (١٢٢). (اي پيغمبر! اُن کان) پوءِ تو ڏانهن وحي ڪيوسون ته هڪ مُهاڙي ابراهيم جي دين جي تابعداري ڪر- ۽ ابراهيم مشرڪن مان نه هو (١٢٣). ڇنڇر بابت تڪرار ڪيو تن کان سواءِ ٻين تي اُن (جي تعظيم) جو حڪم لازم نه ڪيو ويو- ۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار قيامت جي ڏينهن سندن وچ ۾ اُنهيءَ جو ضرور نبيرو ڪندو جنهن ۾ تڪرار ڪندا آهن (١٢٤). (اي پيغمبر!) حڪمت ۽ سهڻي نصيحت سان پنهنجي پالڻهار جي واٽ ڏانهن (ماڻهن کي) دعوت ڏي ۽ سهڻي نموني ساڻن بحث ڪر- ڇو ته جيڪو الله جي واٽ کان گمراهه ٿيو تنهن کي تنهنجو پالڻهار وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ۽ اُهو هدايت وارن کي (به) وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي (١٢٥). ۽ جيڪڏهن (ڪافرن کان) بدلو وٺو ته جيترو ايذايا ويا هجو اوترو اُنهن کي ايذايو- ۽ جيڪڏهن اوهين صبر ڪريو ته اُهو صابرن لاءِ ڀلو آهي (١٢٦). ۽ (اي پيغمبر!) صبر ڪر ۽ تنهنجو صبر الله جي توفيق سان ئي آهي ۽ جيڪو فريب ڪندا آهن تنهن بابت نڪي مٿن ڏک ڪر ۽ نڪي تنگ دل ٿيءُ (١٢٧). ڇو ته جيڪي پرهيزگاري ڪندڙ آهن ۽ جيڪي ڀلارا آهن تن سان الله گڏ آهي (١٢٨).

## سُوْرَةُ بَنِیْٓ اِسْرَآءِیْلَ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ۝
سُبْحٰنَ الَّذِیْٓ اَسْرٰی بِعَبْدِهٖ لَیْلًا مِّنَ الْمَسْجِدِ
الْحَرَامِ اِلَی الْمَسْجِدِ الْاَقْصَا الَّذِیْ بٰرَكْنَا حَوْلَهٗ لِنُرِیَهٗ مِنْ
اٰیٰتِنَا ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِیْعُ الْبَصِیْرُ ۝۱ وَاٰتَیْنَا مُوْسَی الْكِتٰبَ وَ
جَعَلْنٰهُ هُدًی لِّبَنِیْٓ اِسْرَآءِیْلَ اَلَّا تَتَّخِذُوْا مِنْ دُوْنِیْ وَكِیْلًا ۝۲ؕ
ذُرِّیَّةَ مَنْ حَمَلْنَا مَعَ نُوْحٍ ؕ اِنَّهٗ كَانَ عَبْدًا شَكُوْرًا ۝۳
وَقَضَیْنَآ اِلٰی بَنِیْٓ اِسْرَآءِیْلَ فِی الْكِتٰبِ لَتُفْسِدُنَّ فِی الْاَرْضِ
مَرَّتَیْنِ وَلَتَعْلُنَّ عُلُوًّا كَبِیْرًا ۝۴ فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ اُوْلٰىهُمَا بَعَثْنَا
عَلَیْكُمْ عِبَادًا لَّنَآ اُولِیْ بَاْسٍ شَدِیْدٍ فَجَاسُوْا خِلٰلَ الدِّیَارِ ؕ
وَكَانَ وَعْدًا مَّفْعُوْلًا ۝۵ ثُمَّ رَدَدْنَا لَكُمُ الْكَرَّةَ عَلَیْهِمْ
وَاَمْدَدْنٰكُمْ بِاَمْوَالٍ وَّبَنِیْنَ وَجَعَلْنٰكُمْ اَكْثَرَ نَفِیْرًا ۝۶
اِنْ اَحْسَنْتُمْ اَحْسَنْتُمْ لِاَنْفُسِكُمْ ۫ وَاِنْ اَسَاْتُمْ فَلَهَا ؕ
فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ الْاٰخِرَةِ لِیَسُوْٓءٗا وُجُوْهَكُمْ وَلِیَدْخُلُوا
الْمَسْجِدَ كَمَا دَخَلُوْهُ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّلِیُتَبِّرُوْا مَا عَلَوْا تَتْبِیْرًا ۝۷

سورة بني اسرائيل مڪي آهي ۽ هن ۾ هڪ سؤ
يارهن آيتون ۽ ٻارهن رڪوع آهن.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اُهو (الله) پاڪ آهي جنهن پنهنجي ٻانهي (محمد ﷺ) کي هڪڙي رات (جي اندر) تعظيم واريءَ مسجد (حرام) مان، اُنهيءَ مسجد اقصيٰ تائين، جنهن جي چوڌاري برڪت رکي سون، هن لاءِ سير ڪرايو ته کيس پنهنجيون نشانيون ڏيکاريون- بيشڪ اُهوئي ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي (١). ۽ موسيٰ کي ڪتاب (توريت) ڏنوسون ۽ اُن کي بني اسرائيلن لاءِ هدايت ڪرڻ وارو ڪيوسون (۽ چيوسون) ته مون (الله) کان سواءِ (ٻيو) ڪو ڀرجهلو نه وٺو (٢). اي (اُن قوم جو) اولاد! جن کي نوح سان گڏ (ٻيڙيءَ ۾) چاڙهيوسون- بيشڪ اُهو شاڪر ٻانهو هو (٣). ۽ بني اسرائيلن ڏانهن (سندن) ڪتاب ۾ (هي حڪم) موڪليوسون ته اوهين ملڪ ۾ ٻه ڀيرا ضرور فساد ڪندؤ ۽ اوهين ضرور وڏي سرڪشي ڪندؤ (۴). پوءِ جڏهن ٻنهين مان پهريون انجام (فساد جو) ايندو (تڏهن) اوهان تي پنهنجا ڏاڍا سورهيه ٻانها ڪڙا ڪندا سون جي شهرن جي وچ ۾ ڪاهي پوندا- ۽ اِهو انجام (پورو) ٿيڻو آهي (٥). وري اوهان کي هڪ ڀيرو مٿن غلبو ڏينداسون ۽ مال ۽ اولاد سان اوهان کي (لڳو لڳ) وڌائينداسون ۽ اوهان جي لشڪر کي وڌائينداسون (٦). جيڪڏهن اوهين چڱائي ڪندؤ ته (اُها) پاڻ لاءِ چڱائي ڪندؤ ۽ جيڪڏهن اوهين بڇڙائي ڪندؤ ته پاڻ لاءِ- پوءِ جڏهن ٻيو انجام (فساد جو) پهچندو ته ٻيا اوهان جا منهن اُرها ڪندا ۽ اهڙي طرح مسجد ۾ گهڙندا جهڙي طرح اُن ۾ پهريون ڀيرو گهڙيا هئا ۽ جنهن تي غالب ٿيندا تنهن کي چڱي طرح اُجاڙيندا (٧).

عَسٰی رَبُّكُمْ اَنْ یَّرْحَمَكُمْ ۚ وَ اِنْ عُدْتُّمْ عُدْنَا ۘ وَ جَعَلْنَا جَهَنَّمَ
لِلْكٰفِرِیْنَ حَصِیْرًا ﴿٨﴾ اِنَّ هٰذَا الْقُرْاٰنَ یَهْدِیْ لِلَّتِیْ هِیَ اَقْوَمُ وَ
یُبَشِّرُ الْمُؤْمِنِیْنَ الَّذِیْنَ یَعْمَلُوْنَ الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمْ اَجْرًا كَبِیْرًا ﴿٩﴾ لا
وَّ اَنَّ الَّذِیْنَ لَا یُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ اَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابًا اَلِیْمًا ﴿١٠﴾ ع
وَ یَدْعُ الْاِنْسَانُ بِالشَّرِّ دُعَآءَهٗ بِالْخَیْرِ ؕ وَ كَانَ الْاِنْسَانُ عَجُوْلًا ﴿١١﴾
وَ جَعَلْنَا الَّیْلَ وَ النَّهَارَ اٰیَتَیْنِ فَمَحَوْنَاۤ اٰیَةَ الَّیْلِ وَ جَعَلْنَاۤ اٰیَةَ
النَّهَارِ مُبْصِرَةً لِّتَبْتَغُوْا فَضْلًا مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ لِتَعْلَمُوْا عَدَدَ السِّنِیْنَ
وَ الْحِسَابَ ؕ وَ كُلَّ شَیْءٍ فَصَّلْنٰهُ تَفْصِیْلًا ﴿١٢﴾ وَ كُلَّ اِنْسَانٍ اَلْزَمْنٰهُ
طٰٓئِرَهٗ فِیْ عُنُقِهٖ ؕ وَ نُخْرِجُ لَهٗ یَوْمَ الْقِیٰمَةِ كِتٰبًا یَّلْقٰىهُ مَنْشُوْرًا ﴿١٣﴾
اِقْرَاْ كِتٰبَكَ ؕ كَفٰی بِنَفْسِكَ الْیَوْمَ عَلَیْكَ حَسِیْبًا ﴿١٤﴾ ؕ مَنِ اهْتَدٰی فَاِنَّمَا
یَهْتَدِیْ لِنَفْسِهٖ ۚ وَ مَنْ ضَلَّ فَاِنَّمَا یَضِلُّ عَلَیْهَا ؕ وَ لَا تَزِرُ وَازِرَةٌ
وِّزْرَ اُخْرٰی ؕ وَ مَا كُنَّا مُعَذِّبِیْنَ حَتّٰی نَبْعَثَ رَسُوْلًا ﴿١٥﴾ وَ اِذَاۤ اَرَدْنَاۤ
اَنْ نُّهْلِكَ قَرْیَةً اَمَرْنَا مُتْرَفِیْهَا فَفَسَقُوْا فِیْهَا فَحَقَّ عَلَیْهَا
الْقَوْلُ فَدَمَّرْنٰهَا تَدْمِیْرًا ﴿١٦﴾ وَ كَمْ اَهْلَكْنَا مِنَ الْقُرُوْنِ مِنْۢ
بَعْدِ نُوْحٍ ؕ وَ كَفٰی بِرَبِّكَ بِذُنُوْبِ عِبَادِهٖ خَبِیْرًاۢ بَصِیْرًا ﴿١٧﴾

(چيو ويو ته) اوهان جو پالڻهار ويجهوئي اوهان تي ٻاجهه ڪندو، ۽ جيڪڏهن اوهين (ٻيون ڀيرو) ڦرندؤ ته اسين به (سزا ڏيڻ ڏانهن) ڦرنداسون ۽ ڪافرن لاءِ دوزخ کي قيد خانو مقرر ڪيوسون (٨). هيءُ قرآن اُنهيءَ (واٽ) ڏانهن رستو ڏيکاريندو آهي جيڪا ڏاڍي سڌي آهي ۽ اُنهن مؤمنن کي خوشخبري ڏيندو آهي جيڪي چڱا ڪم ڪندا آهن ته اُنهن لاءِ بلڪل وڏو اَجر آهي (٩). ۽ جيڪي آخرت کي نه مڃيندا آهن تن لاءِ بلڪل ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيو اٿئون (١٠). ۽ انسان برائيءَ کي (اهڙو) گهرندو آهي جهڙو ڀلائيءَ کي سندس گهرڻ هوندو آهي ۽ انسان جلد باز آهي (١١). ۽ رات ۽ ڏينهن کي ٻه نشانيون ڪيون سون پوءِ رات جي نشاني کي ميٽايوسون ۽ ڏينهن جي نشاني کي هن لاءِ روشن ڪيوسون ته پنهنجي پالڻهار جو فضل ڳوليو ۽ (پڻ هن لاءِ) ته اوهين سالن جو ڳاڻاٽو ۽ حساب ڄاڻو ۽ هر هڪ شيءِ جو تفصيلي بيان ڪيوسون (١٢). ۽ هر ماڻهو جي ڳچيءَ ۾ سندس عمل نامو ٻڌوسون ۽ قيامت جي ڏينهن هڪ ڪتاب اِنهي لاءِ ڪڍنداسون جو اُن کي کليل ملندو (١٣). (چيو ويندس ته) پنهنجو ڪتاب پڙهه اَڄ تنهنجو نفس ئي توتي حساب وٺندڙ ڪافي آهي (١٤). جيڪو هدايت وارو ٿيو اهو رڳو پاڻ لاءِ ئي هدايت وارو ٿيو ۽ جيڪو ڀُلو (گمراهه ٿيو) سو رڳو پاڻ لاءِ ڀُلندو ۽ ڪو بار کڻندڙ ٻئي ڪنهن جو بار نه کڻندو ۽ اسين ايستائين عذاب ڪندڙ نه آهيون جيستائين ڪنهن پيغمبر کي (نه) موڪليون (١٥). ۽ جڏهن اسين ڪنهن ڳوٺ کي ناس ڪرڻ گهرندا آهيون (تڏهن) اُنهن مان آسودن کي (پيغمبرن جي معرفت پنهنجي عبادت جو) حڪم ڪندا آهيون پوءِ منجهس نافرماني ڪندا آهن تنهن ڪري مٿس عذاب لازم ٿيندو آهي پوءِ چڱي طرح اُن جي پاڙ پٽيندا آهيون (١٦). ۽ ڪيترائي جهانن مان نوح کان پوءِ ناس ڪياسون ۽ تنهنجو پالڻهار پنهنجن ٻانهن جي گناهن جي خبر رکندڙ ڏسندڙ ڪافي آهي (١٧).

مَنْ كَانَ يُرِيْدُ الْعَاجِلَةَ عَجَّلْنَا لَهٗ فِيْهَا مَا نَشَآءُ لِمَنْ نُّرِيْدُ ثُمَّ جَعَلْنَا
لَهٗ جَهَنَّمَ ۚ يَصْلٰىهَا مَذْمُوْمًا مَّدْحُوْرًا ﴿۱۸﴾ وَمَنْ اَرَادَ الْاٰخِرَةَ وَسَعٰى لَهَا
سَعْيَهَا وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَاُولٰٓئِكَ كَانَ سَعْيُهُمْ مَّشْكُوْرًا ﴿۱۹﴾ كُلًّا نُّمِدُّ هٰٓؤُلَآءِ
وَهٰٓؤُلَآءِ مِنْ عَطَآءِ رَبِّكَ ؕ وَمَا كَانَ عَطَآءُ رَبِّكَ مَحْظُوْرًا ﴿۲۰﴾ اُنْظُرْ كَيْفَ
فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ ؕ وَلَلْاٰخِرَةُ اَكْبَرُ دَرَجٰتٍ وَّاَكْبَرُ تَفْضِيْلًا ﴿۲۱﴾
لَا تَجْعَلْ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَتَقْعُدَ مَذْمُوْمًا مَّخْذُوْلًا ﴿۲۲﴾ ع وَقَضٰى رَبُّكَ
اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّآ اِيَّاهُ وَبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا ؕ اِمَّا يَبْلُغَنَّ عِنْدَكَ الْكِبَرَ
اَحَدُهُمَآ اَوْ كِلٰهُمَا فَلَا تَقُلْ لَّهُمَآ اُفٍّ وَّلَا تَنْهَرْهُمَا وَقُلْ لَّهُمَا قَوْلًا
كَرِيْمًا ﴿۲۳﴾ وَاخْفِضْ لَهُمَا جَنَاحَ الذُّلِّ مِنَ الرَّحْمَةِ وَقُلْ رَّبِّ ارْحَمْهُمَا
كَمَا رَبَّيٰنِيْ صَغِيْرًا ﴿۲۴﴾ ؕ رَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِمَا فِيْ نُفُوْسِكُمْ ؕ اِنْ تَكُوْنُوْا صٰلِحِيْنَ
فَاِنَّهٗ كَانَ لِلْاَوَّابِيْنَ غَفُوْرًا ﴿۲۵﴾ وَاٰتِ ذَا الْقُرْبٰى حَقَّهٗ وَالْمِسْكِيْنَ
وَابْنَ السَّبِيْلِ وَلَا تُبَذِّرْ تَبْذِيْرًا ﴿۲۶﴾ اِنَّ الْمُبَذِّرِيْنَ كَانُوْٓا اِخْوَانَ
الشَّيٰطِيْنِ ؕ وَكَانَ الشَّيْطٰنُ لِرَبِّهٖ كَفُوْرًا ﴿۲۷﴾ وَاِمَّا تُعْرِضَنَّ عَنْهُمُ ابْتِغَآءَ
رَحْمَةٍ مِّنْ رَّبِّكَ تَرْجُوْهَا فَقُلْ لَّهُمْ قَوْلًا مَّيْسُوْرًا ﴿۲۸﴾ وَلَا تَجْعَلْ يَدَكَ
مَغْلُوْلَةً اِلٰى عُنُقِكَ وَلَا تَبْسُطْهَا كُلَّ الْبَسْطِ فَتَقْعُدَ مَلُوْمًا مَّحْسُوْرًا ﴿۲۹﴾

جيڪو دنيا (جي آسودگي) گھرندو آهي تنهن کي منجهس جيڪي گھرندا آهيون سو جلد ڏيندا آهيون، جنهن لاءِ گھرندا آهيون (تنهن کي ڏيندا آهيون) وري اُن لاءِ دوزخ مقرر ڪيوسون، جنهن ۾ (هو) خوار (ٿي) تڙيل ٿي گھڙندو (١٨). ۽ جنهن آخرت گھري ۽ اُن لاءِ چڱي ڪوشش ڪئي ۽ اهو مؤمن (به) هجي سي اُهي آهن جن جي ڪوشش قبول ٿيل آهي (١٩). هِن ٽوليءَ جي ۽ هُن ٽوليءَ جي هر هڪ کي تنهنجي پالڻھار جي بخشش مان لڳو لڳ ڏيون ٿا ۽ تنهنجي رب جي ڏات ڪا روڪيل نہ آهي (٢٠). ڏس تہ اُنهن مان هڪڙن کي ٻين کان (دنيا منجھ رزق ۽ مرتبي ۾) ڪھڙي طرح ٻلو ڪيو اَٿئون ۽ آخرت تہ درجن جي ڪري بلڪل وڏي ۽ مان ڏيڻ ڪري بلڪل وڏيڪ آهي (٢١). (اي انسان تون) الله سان ٻيو ڪو معبود مقرر نہ ڪر نہ تہ پشيمان (ٿي) خوار ٿي وهندين (٢٢). ۽ تنهنجي پالڻھار حڪم ڪيو آهي تہ اُن کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي عبادت نہ ڪريو ۽ ماءُ پيءُ سان نيڪي ڪريو جيڪڏهن ٻنهي مان ڪو هڪڙو تنهنجي آڏو ٻڍائي کي پهچي يا ٻئي تہ کين تون اُف (بہ) نہ چئج ۽ نڪي کين جھڻڪج ۽ ساڻن چڱي ڳالھ (اَدب واري) ڳالهائجَ (٢٣). ۽ اُنهن لاءِ عاجزي جون ٻانهون نرميءَ مان هيٺاهيون ڪج ۽ چئج تہ اي منهنجا پالڻھار! اُنهن تي (اَهڙي طرح) ٻاجھ ڪر جهڙي طرح مون کي ننڍپڻ ۾ پاليائون ٿي (٢٤). جيڪي اوهان جي دلين ۾ آهي سو اوهان جو پالڻھار چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي- جيڪڏهن اوهين سڌريل هوندؤ (تہ بخشيندوَ) ڇو تہ الله توبھ ڪندڙن کي بخشڻھار آهي (٢٥). ۽ مائٽي وارن ۽ مسڪينن کي ۽ مسافرن کي سندن حق ڏي ۽ اڌنگائي سان اجايو نہ وڃاءِ (٢٦). ڇو تہ اجايو وڃائيندڙ شيطانن جا ڀائر آهن ۽ شيطان پنهنجي پالڻھار جي نافرماني ڪندڙ آهي (٢٧). ۽ جيڪڏهن تون ( ان رزق جي اَڻ هوند ڪري) اُنهن کان منهن موڙين، جنهن رزق جي ملڻ جي پنهنجي پالڻھار کان اُميد رکين ٿو تہ (کين جھڻڪي نہ موٽاءِ بلڪ) ساڻن مٺي ڳالھ ڳالهاءِ (٢٨). ۽ نڪي پنهنجي هٿ کي (بخل مان) پنهنجي ڳچي ۾ بند ڪر ۽ نڪي اُهو سارو کولي ڇڏ جو پوءِ ملامت ڪيل (ٿي) پشيمان ٿي ويهي رهين (٢٩).

إِنَّ رَبَّكَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَقْدِرُ ۚ إِنَّهٗ كَانَ بِعِبَادِهٖ
خَبِيْرًا ۢ بَصِيْرًا ﴿٣٠﴾ وَلَا تَقْتُلُوْٓا أَوْلَادَكُمْ خَشْيَةَ إِمْلَاقٍ ۚ نَحْنُ نَرْزُقُهُمْ
وَإِيَّاكُمْ ۚ إِنَّ قَتْلَهُمْ كَانَ خِطْـًٔا كَبِيْرًا ﴿٣١﴾ وَلَا تَقْرَبُوا الزِّنٰٓى إِنَّهٗ كَانَ
فَاحِشَةً ۚ وَسَآءَ سَبِيْلًا ﴿٣٢﴾ وَلَا تَقْتُلُوا النَّفْسَ الَّتِىْ حَرَّمَ اللّٰهُ إِلَّا
بِالْحَقِّ ۚ وَمَنْ قُتِلَ مَظْلُوْمًا فَقَدْ جَعَلْنَا لِوَلِيِّهٖ سُلْطٰنًا فَلَا يُسْرِفْ
فِّى الْقَتْلِ ۚ إِنَّهٗ كَانَ مَنْصُوْرًا ﴿٣٣﴾ وَلَا تَقْرَبُوْا مَالَ الْيَتِيْمِ إِلَّا بِالَّتِىْ
هِىَ أَحْسَنُ حَتّٰى يَبْلُغَ أَشُدَّهٗ ۖ وَأَوْفُوْا بِالْعَهْدِ ۖ إِنَّ الْعَهْدَ كَانَ
مَسْـُٔوْلًا ﴿٣٤﴾ وَأَوْفُوا الْكَيْلَ إِذَا كِلْتُمْ وَزِنُوْا بِالْقِسْطَاسِ الْمُسْتَقِيْمِ ۚ
ذٰلِكَ خَيْرٌ وَّأَحْسَنُ تَأْوِيْلًا ﴿٣٥﴾ وَلَا تَقْفُ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ۚ إِنَّ
السَّمْعَ وَالْبَصَرَ وَالْفُؤَادَ كُلُّ أُولٰٓئِكَ كَانَ عَنْهُ مَسْـُٔوْلًا ﴿٣٦﴾ وَلَا
تَمْشِ فِى الْأَرْضِ مَرَحًا ۚ إِنَّكَ لَنْ تَخْرِقَ الْأَرْضَ وَلَنْ تَبْلُغَ الْجِبَالَ
طُوْلًا ﴿٣٧﴾ كُلُّ ذٰلِكَ كَانَ سَيِّئُهٗ عِنْدَ رَبِّكَ مَكْرُوْهًا ﴿٣٨﴾ ذٰلِكَ مِمَّآ
أَوْحٰٓى إِلَيْكَ رَبُّكَ مِنَ الْحِكْمَةِ ۚ وَلَا تَجْعَلْ مَعَ اللّٰهِ إِلٰهًا اٰخَرَ
فَتُلْقٰى فِىْ جَهَنَّمَ مَلُوْمًا مَّدْحُوْرًا ﴿٣٩﴾ أَفَأَصْفٰىكُمْ رَبُّكُمْ بِالْبَنِيْنَ وَ
اتَّخَذَ مِنَ الْمَلٰٓئِكَةِ إِنَاثًا ۚ إِنَّكُمْ لَتَقُوْلُوْنَ قَوْلًا عَظِيْمًا ﴿٤٠﴾

تنهنجو پالڻهار جنهن لاءِ گهرندو آهي تنهن جي روزي ڪشادي ڪندو آهي ۽ گهٽ به ڪندو آهي- ڇو ته اُهو پنهنجن ٻانهن جي خبر رکندڙ ڏسندڙ آهي (٣٠) . ۽ پنهنجن ٻارن کي سڃائي جي ڊپ کان نه ڪهو- اسين کين ۽ (خود) اوهان کي روزي ڏيندا آهيون- بيشڪ اُنهن کي ڪهڻ وڏو ڏوھ آهي (٣١) . ۽ زنا کي ويجها نه وڃو ڇو ته اُها بي حيائي آهي ۽ اُها واٽ بڇڙي آهي (٣٢) . ۽ اهڙي شخص کي نه ڪهو جنهن جو (شرعي) حق کان سواءِ ڪهڻ الله حرام ڪيو آهي- ۽ جيڪو ناحق ماريو وڃي تنهن جي وارث کي (قصاص جو) اختيار ڏنوسون پوءِ جڳائي ته مارڻ ۾ (پاڻون بدلو وٺي) زيادتي نه ڪري- ڇــو ته اُهــو (قصاص وٺـڻ ۾) مـدد ڏنـل ٿيـو آهــي (٣٣) . ۽ نڪي ڪنهن ڇوري ٻار جي مال کي چڱي (نيت) کان سواءِ ويجها وڃو جيستائين هو بلوغت کي پهچي ۽ (پنهنجو) انجام پاڙيو، ڇو ته انجام جي بابت بلڪل پڇا ٿيندي (٣٤) . ۽ جڏهن ماڻ ڀريو تڏهن پورو ڀريو ۽ سنئين ترازي سان توريو- اِها (پوري ماپ ۽ تور) ڀلي ۽ عاقبت جي ڪري بلڪل چڱي آهي (٣٥) . ۽ (اي ٻانها!) جنهن شيءِ جي توکي ڪا سُڌ نه آهي تنهن جي پويان نه لڳ- ڇو ته ڪن ۽ اک ۽ دل اِنهن سڀني (عضون) کان اُنهي بابت بلڪل پڇا ٿيندي (٣٦) . ۽ زمين ۾ (تون) اَڪڙ ڪري نه گهم، ڇو ته تون نڪي زمين کي چيري سگهندين ۽ نڪي ڊيگھ ۾ جبل (جي چوٽي) کي پهچي سگهندين (٣٧) . اِنهن سڀني (عادتن) جي بڇڙائي تنهنجي پالڻهار وٽ ناپسند آهي (٣٨) . اِهي حڪم اُنهن مان آهن جيڪي تنهنجي پالڻهار توڏانهن حڪمت منجهان وحي ڪيا آهن- ۽ الله سان ٻيو ڪو معبود مقرر نه ڪر نه ته تون خوار (۽) تڙيل ٿي دوزخ ۾ وڌو ويندين (٣٩) . (اي مشرڪؤ!) اوهان جي پالڻهار اوهان کي پٽن لاءِ چونڊيو ۽ (پاڻ) ملائڪن کي (پنهنجون) ڌيئر ڪري ورتائين ڇا؟ بيشڪ اوهين هيءَ وڏي ڳالھ ڪندا آهيو (٤٠) .

وَلَقَدْ صَرَّفْنَا فِیْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ لِیَذَّكَّرُوْا ؕ وَمَا یَزِیْدُهُمْ اِلَّا نُفُوْرًا ﴿۴۱﴾ قُلْ
لَّوْ كَانَ مَعَهٗۤ اٰلِهَةٌ كَمَا یَقُوْلُوْنَ اِذًا لَّابْتَغَوْا اِلٰی ذِی الْعَرْشِ سَبِیْلًا ﴿۴۲﴾
سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰی عَمَّا یَقُوْلُوْنَ عُلُوًّا كَبِیْرًا ﴿۴۳﴾ تُسَبِّحُ لَهُ السَّمٰوٰتُ السَّبْعُ
وَالْاَرْضُ وَمَنْ فِیْهِنَّ ؕ وَاِنْ مِّنْ شَیْءٍ اِلَّا یُسَبِّحُ بِحَمْدِهٖ وَلٰكِنْ لَّا
تَفْقَهُوْنَ تَسْبِیْحَهُمْ ؕ اِنَّهٗ كَانَ حَلِیْمًا غَفُوْرًا ﴿۴۴﴾ وَاِذَا قَرَاْتَ الْقُرْاٰنَ
جَعَلْنَا بَیْنَكَ وَبَیْنَ الَّذِیْنَ لَا یُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ حِجَابًا مَّسْتُوْرًا ﴿۴۵﴾
وَّجَعَلْنَا عَلٰی قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ یَّفْقَهُوْهُ وَفِیْۤ اٰذَانِهِمْ وَقْرًا ؕ وَاِذَا
ذَكَرْتَ رَبَّكَ فِی الْقُرْاٰنِ وَحْدَهٗ وَلَّوْا عَلٰۤی اَدْبَارِهِمْ نُفُوْرًا ﴿۴۶﴾ نَحْنُ
اَعْلَمُ بِمَا یَسْتَمِعُوْنَ بِهٖۤ اِذْ یَسْتَمِعُوْنَ اِلَیْكَ وَاِذْ هُمْ نَجْوٰۤی اِذْ
یَقُوْلُ الظّٰلِمُوْنَ اِنْ تَتَّبِعُوْنَ اِلَّا رَجُلًا مَّسْحُوْرًا ﴿۴۷﴾ اُنْظُرْ كَیْفَ ضَرَبُوْا
لَكَ الْاَمْثَالَ فَضَلُّوْا فَلَا یَسْتَطِیْعُوْنَ سَبِیْلًا ﴿۴۸﴾ وَقَالُوْۤا ءَاِذَا كُنَّا
عِظَامًا وَّرُفَاتًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ خَلْقًا جَدِیْدًا ﴿۴۹﴾ قُلْ كُوْنُوْا حِجَارَةً
اَوْ حَدِیْدًا ﴿۵۰﴾ اَوْ خَلْقًا مِّمَّا یَكْبُرُ فِیْ صُدُوْرِكُمْ ۚ فَسَیَقُوْلُوْنَ مَنْ
یُّعِیْدُنَا ؕ قُلِ الَّذِیْ فَطَرَكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ ۚ فَسَیُنْغِضُوْنَ اِلَیْكَ
رُءُوْسَهُمْ وَیَقُوْلُوْنَ مَتٰی هُوَ ؕ قُلْ عَسٰۤی اَنْ یَّكُوْنَ قَرِیْبًا ﴿۵۱﴾

۽ بيشڪ هن قرآن ۾ هن لاءِ وري وري سمجهايوسون ته نصيحت وٺن ۽ اُهو اُنهن بابت نفرت ڪرڻ ڪان سواءِ (ٻيو ڪجھ) ڪين ٿو وڌائي (۴۱). (اي پيغمبر) چؤ ته جيڪڏهن ساڻس ٻيا معبود جهڙي طرح چوندا آهن (تهڙي طرح) هجن ها ته اُهي اُنهيءَ دم عرش جي مالڪ ڏانهن (جنگ جي) واٽ طلبين ها (۴۲). اُهو پاڪ آهي ۽ جيڪي چوندا آهن تنهن ڪان گهڻو مٿاهون آهي (۴۳). ست آسمان ۽ زمين ۽ جيڪي منجهن آهن سي اُن جي پاڪائي بيان ڪندا آهن. ۽ ڪا (به) شيءِ اهڙي نه آهي جا سندس ساراهه سان گڏ پاڪائي بيان نه ڪندي هجي پر (اوهين) سندن تسبيح نه سمجهندا آهيو. بيشڪ اُهو بردبار بخشڻهار آهي (۴۴). ۽ جڏهن (تون) قرآن پڙهندو آهين (تڏهن) تنهنجي وچ ۾ ۽ جيڪي آخرت کي نه مڃيندا آهن تن جي وچ ۾ (اسين) لڪل پردو ڪندا آهيون (۴۵). ۽ اُن جي سمجهڻ ڪان سندين دلين تي پردو ۽ سندن ڪنن ۾ گهٻرائي وجهندا آهيون. ۽ جڏهن پنهنجي هڪڙي پالڻهار کي قرآن ۾ ياد ڪرين ٿو تڏهن نفرت ڪندي پنهنجي پٺين (پر پوءِ) تي موٽندا آهن (۴٦). (اي پيغمبر!) جنهن مهل توڏانهن ڪن ڏيئي جنهن (ٺٺوليءَ ڪرڻ جي ارادي) سان (قرآن کي) ٻڌندا آهن ۽ جنهن مهل ڳجهيون صلاحون ڪندا آهن جڏهن ظالم چوندا آهن ته (اوهين) رڳو جادو ڪيل مڙس جي تابعداري ڪريو ٿا (تنهن مهل سندين انهن ڳالهين کي) اسين چڱي طرح ڄاڻندا آهيون (۴۷). ڏس ته تو لاءِ ڪهڙا مثال ڏيندا آهن! پوءِ گمراهه ٿيا تنهن ڪري سڌي واٽ لهي نه سگهندا آهن (۴۸). ۽ چوندا آهن ته جڏهن اسين (مري ڳري) هڏا ۽ ذرا ذرا ٿينداسين (تڏهن) اسين وري نوان بنجي اُٿنداسين ڇا؟ (۴۹). چؤ ته پهڻ ٿيو يا لوهه ٿيو (۵۰). يا پنهنجين دلين ۾ جيڪا (ٻي) وڏي خلق ڀانئيندا آهيو (سا ٿيو ته به اُٿندؤ)، پوءِ سگهو ئي چوندا ته ڪير اسان کي وري جياريندو؟ چؤ ته جنهن اوهان کي پهريون ڀيرو پيدا ڪيو (اهو جياريندوَ)، پوءِ توڏانهن پنهنجا ڪنڌ لوڏيندا ۽ چوندا ته اُهو ڪڏهن ٿيندو؟ چؤ ته اُميد آهي ته سگهو ٿيڻو آهي (۵۱).

يَوْمَ يَدْعُوْكُمْ فَتَسْتَجِيْبُوْنَ بِحَمْدِهٖ وَتَظُنُّوْنَ اِنْ لَّبِثْتُمْ اِلَّا
قَلِيْلًا ۝٥٢ ع وَقُلْ لِّعِبَادِيْ يَقُوْلُوا الَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ ۭ اِنَّ الشَّيْطٰنَ يَنْزَغُ
بَيْنَهُمْ ۭ اِنَّ الشَّيْطٰنَ كَانَ لِلْاِنْسَانِ عَدُوًّا مُّبِيْنًا ۝٥٣ رَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِكُمْ ۭ
اِنْ يَّشَاْ يَرْحَمْكُمْ اَوْ اِنْ يَّشَاْ يُعَذِّبْكُمْ ۭ وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ عَلَيْهِمْ وَكِيْلًا ۝٥٤
وَرَبُّكَ اَعْلَمُ بِمَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ وَلَقَدْ فَضَّلْنَا بَعْضَ
النَّبِيّٖنَ عَلٰي بَعْضٍ وَّاٰتَيْنَا دَاوٗدَ زَبُوْرًا ۝٥٥ قُلِ ادْعُوا الَّذِيْنَ زَعَمْتُمْ
مِّنْ دُوْنِهٖ فَلَا يَمْلِكُوْنَ كَشْفَ الضُّرِّ عَنْكُمْ وَلَا تَحْوِيْلًا ۝٥٦ اُولٰۗىِٕكَ
الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ يَبْتَغُوْنَ اِلٰى رَبِّهِمُ الْوَسِيْلَةَ اَيُّهُمْ اَقْرَبُ وَيَرْجُوْنَ
رَحْمَتَهٗ وَيَخَافُوْنَ عَذَابَهٗ ۭ اِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ كَانَ مَحْذُوْرًا ۝٥٧ وَاِنْ
مِّنْ قَرْيَةٍ اِلَّا نَحْنُ مُهْلِكُوْهَا قَبْلَ يَوْمِ الْقِيٰمَةِ اَوْ مُعَذِّبُوْهَا عَذَابًا
شَدِيْدًا ۭ كَانَ ذٰلِكَ فِي الْكِتٰبِ مَسْطُوْرًا ۝٥٨ وَمَا مَنَعَنَآ اَنْ نُّرْسِلَ
بِالْاٰيٰتِ اِلَّآ اَنْ كَذَّبَ بِهَا الْاَوَّلُوْنَ ۭ وَاٰتَيْنَا ثَمُوْدَ النَّاقَةَ مُبْصِرَةً
فَظَلَمُوْا بِهَا ۭ وَمَا نُرْسِلُ بِالْاٰيٰتِ اِلَّا تَخْوِيْفًا ۝٥٩ وَاِذْ قُلْنَا لَكَ اِنَّ رَبَّكَ
اَحَاطَ بِالنَّاسِ ۭ وَمَا جَعَلْنَا الرُّءْيَا الَّتِيْٓ اَرَيْنٰكَ اِلَّا فِتْنَةً لِّلنَّاسِ وَ
الشَّجَرَةَ الْمَلْعُوْنَةَ فِي الْقُرْاٰنِ ۭ وَنُخَوِّفُهُمْ ۙ فَمَا يَزِيْدُهُمْ اِلَّا طُغْيَانًا كَبِيْرًا ۝٦٠ ع

جنهن ڏينهن الله اوهان کي سڏيندو (تنهن ڏينهن) اوهين سندس ساراهه ڪندي ورندي ڏيندؤ ۽ ڀانئيندؤ تہ ٿورڙو ئي وقت رهيا آهيو (٥٢). ۽ (اي پيغمبر!) منهنجن ٻانهن کي چؤ تہ (هڪٻئي سان) بلڪل چڱي (ڳالهه) چوندا رهن۔ ڇو تہ شيطان سندن وچ ۾ جهيڙو وجهندو آهي۔ بيشڪ شيطان ماڻهو جو پڌرو ويري آهي (٥٣). اوهان جو پالڻهار اوهان کي چڱي طرح ڄاڻندو آهي۔ جيڪڏهن وڻيس تہ اوهان تي ٻاجهه ڪري يا جيڪڏهن وڻيس تہ اوهان کي عذاب ڪري۔ ۽ اسان توکي مٿن وڪيل ڪري نہ موڪليو آهي (٥٤). ۽ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو تنهنجو پالڻهار چڱي طرح ڄاڻندو آهي۔ ۽ بيشڪ هڪڙن نبين کي ٻين کان وڌيڪ ڪيوسون ۽ دائود کي زبور ڏنوسون (٥٥). (اي پيغمبر!) چؤ تہ الله کان سواءِ ٻين جن کي (الله جهڙو) ڀانئيندا آهيو تن کي سڏيو پوءِ (اُهي) اوهان کان نڪي ڪنهن تڪليف لاهڻ جو ۽ نڪي ٽارڻ جو اختيار رکندا آهن (٥٦). هي (ڪافر خدا کان سواءِ) جن کي سڏيندا آهن سي پاڻ پنهنجي پالڻهار ڏانهن وسيلو ڳوليندا آهن تہ انهن مان ڪير ڏاڍو ويجهو آهي؟ ۽ سندس ٻاجهه جي اُميد رکندا آهن ۽ سندس عذاب کان ڊڄندا آهن۔ ڇو تہ تنهنجي پالڻهار جو عذاب ڊڄڻ جهڙي شيءِ آهي (٥٧). ۽ ڪو بہ ڳوٺ نہ آهي جنهن (جي رهڻ وارن) کي (سندن بڇڙن ڪرتوتن سبب) قيامت جي ڏينهن کان اڳ اسين ناس ڪرڻ وارا نہ آهيون يا اُن کي سخت سزا سان عذاب (نہ) ڏيندڙ آهيون۔ اهو حڪم ڪتاب ۾ لکيل آهي (٥٨). ۽ اسان کي معجزن موڪلڻ کان انهي ڳالهه کان سواءِ ٻئي ڪنهن نہ روڪيو جو اڳين (ماڻهن) اُنهن کي ڪوڙ ڄاتو هو۔ ۽ ثمود (جي قوم) کي ڏاچي معجزي لاءِ ڏني سون تہ اُن سان ظلم ڪيائون۔ ۽ اسين رڳو ڊيڄارڻ لاءِ معجزا موڪليندا آهيون (٥٩). ۽ (اي پيغمبر! ياد ڪر) جنهن مهل توکي چيوسون تہ تنهنجي پالڻهار ماڻهن جو (پنهنجي قدرت سان) گهيرو ڪيو آهي۔ ۽ اسان توکي جيڪو خواب ڏيکاريو سو ۽ جو لعنت ڪيل (ٿوهر جو) وڻ قرآن ۾ بيان ڪيو ويو آهي سو ماڻهن جي ازمائش کان سواءِ نہ آهي۔ ۽ اسين جو کين ڊيڄاريندا آهيون سو کين وڏي شرارت کان سواءِ (ٻيو ڪجهه) نہ وڌائيندو آهي (٦٠).

وَاِذۡ قُلۡنَا لِلۡمَلٰٓئِكَةِ اسۡجُدُوۡا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوۡۤا اِلَّاۤ اِبۡلِيۡسَ ؕ قَالَ
ءَاَسۡجُدُ لِمَنۡ خَلَقۡتَ طِيۡنًا ۚ﴿۶۱﴾ قَالَ اَرَءَيۡتَكَ هٰذَا الَّذِىۡ كَرَّمۡتَ
عَلَىَّ لَئِنۡ اَخَّرۡتَنِ اِلٰى يَوۡمِ الۡقِيٰمَةِ لَاَحۡتَنِكَنَّ ذُرِّيَّتَهٗۤ اِلَّا
قَلِيۡلًا ﴿۶۲﴾ قَالَ اذۡهَبۡ فَمَنۡ تَبِعَكَ مِنۡهُمۡ فَاِنَّ جَهَنَّمَ جَزَآؤُكُمۡ
جَزَآءً مَّوۡفُوۡرًا ﴿۶۳﴾ وَاسۡتَفۡزِزۡ مَنِ اسۡتَطَعۡتَ مِنۡهُمۡ بِصَوۡتِكَ
وَاَجۡلِبۡ عَلَيۡهِمۡ بِخَيۡلِكَ وَرَجِلِكَ وَشَارِكۡهُمۡ فِى الۡاَمۡوَالِ
وَالۡاَوۡلَادِ وَعِدۡهُمۡ ؕ وَمَا يَعِدُهُمُ الشَّيۡطٰنُ اِلَّا غُرُوۡرًا ﴿۶۴﴾ اِنَّ عِبَادِىۡ
لَيۡسَ لَكَ عَلَيۡهِمۡ سُلۡطٰنٌ ؕ وَكَفٰى بِرَبِّكَ وَكِيۡلًا ﴿۶۵﴾ رَبُّكُمُ الَّذِىۡ
يُزۡجِىۡ لَـكُمُ الۡـفُلۡكَ فِى الۡبَحۡرِ لِتَبۡتَغُوۡا مِنۡ فَضۡلِهٖ ؕ اِنَّهٗ كَانَ بِكُمۡ
رَحِيۡمًا ﴿۶۶﴾ وَاِذَا مَسَّكُمُ الضُّرُّ فِى الۡبَحۡرِ ضَلَّ مَنۡ تَدۡعُوۡنَ
اِلَّاۤ اِيَّاهُ ۚ فَلَمَّا نَجّٰٮكُمۡ اِلَى الۡبَـرِّ اَعۡرَضۡتُمۡ ؕ وَكَانَ الۡاِنۡسَانُ
كَفُوۡرًا ﴿۶۷﴾ اَفَاَمِنۡتُمۡ اَنۡ يَّخۡسِفَ بِكُمۡ جَانِبَ الۡبَـرِّ اَوۡ يُرۡسِلَ
عَلَيۡكُمۡ حَاصِبًا ثُمَّ لَا تَجِدُوۡا لَـكُمۡ وَكِيۡلًا ۙ﴿۶۸﴾ اَمۡ اَمِنۡتُمۡ اَنۡ
يُّعِيۡدَكُمۡ فِيۡهِ تَارَةً اُخۡرٰى فَيُرۡسِلَ عَلَيۡكُمۡ قَاصِفًا مِّنَ
الرِّيۡحِ فَيُغۡرِقَكُمۡ بِمَا كَفَرۡتُمۡ ۙ ثُمَّ لَا تَجِدُوۡا لَـكُمۡ عَلَيۡنَا بِهٖ تَبِيۡعًا ﴿۶۹﴾

۽ جڏهن ملائڪن کي چيو سون تہ آدم کي سجدو ڪريو پوءِ ابليس کان سواءِ (ٻين) سجدو ڪيو (ابليس) چيو تہ جنهن کي مٽيءَ مان پيدا ڪيئي تنهن کي ڇو سجدو ڪريان؟ (٦١). (وري ابليس) چيو تہ ڏس هيءُ جنهن کي تو مون تي شرف ڏنو جيڪڏهن مون کي قيامت جي ڏينهن تائين مهلت ڏيندين تہ ٿورڙن کان سواءِ سندس (ٻي) اولاد کي پاڙئون پٽيندس (٦٢). (الله) چيو تہ وڃ پوءِ منجهائن جن تنهنجي تابعداري ڪئي تن اوهان سڀني جي سزا دوزخ آهي (ءِ اُها) بلڪل پوري سزا (آهي) (٦٣). ۽ منجهائن جنهن کي (ڀُلائي) سگهين تنهن کي پنهنجي سڏ سان ڀُلاءِ ۽ پنهنجن سوارن ۽ پيادن سان مٿن چڙهائي ڪر ۽ سندن مال ۽ اولاد ۾ ڀائيواري ڪر ۽ کين انجام ڏي۔ ۽ شيطان ٺڳي کان سواءِ کين ڪو دلاسو نہ ڏيندو آهي (٦٤). بيشڪ منهنجن ٻانهن تي توکي ڪا سگهہ نہ آهي۔ ۽ تنهنجو پالڻهار نگهبان ڪافي آهي (٦٥). اوهان جو پالڻهار اُهو آهي جيڪو اَوهان لاءِ سمنڊ ۾ ٻيڙيون هن لاءِ هلائيندو آهي تہ سندس روزي ڳوليو۔ بيشڪ اُهو اوهان تي ٻاجهارو آهي (٦٦). ۽ جڏهن اوهان کي درياءَ ۾ ڪا تڪليف پهچندي آهي تڏهن خاص اُن (الله) کان سواءِ ٻين جن کي اوهين سڏيندا آهيو سي وسري ويندا اٿوَ پوءِ جنهن مهل اوهان کي خشڪيءَ تي بچائيندو آهي (تنهن مهل) منهن موڙيندا آهيو۔ ۽ انسان ڏاڍو ٻي شڪر آهي (٦٧). (اوهين) پاڻ کي خشڪيءَ جي ڪنهن پاسي ۾ ڳهائڻ کان يا پاڻ تي (پٿرن جي) طوفان اچڻ کان بي پروا ٿيا آهيو ڇا؟ وري اوهين پاڻ لاءِ ڪو واهرو نہ لهندؤ (٦٨). يا ٻئي ڀيري اُن (ساڳئي سمنڊ) ۾ موٽائڻ کان بي پروا ٿيا آهيو ڇا؟ پوءِ اوهان تي واءُ جو طوفان موڪلي پوءِ اوهان کي اوهان جي ڪفر سببان ٻوڙي وري اُنهي (ٻوڙڻ جي) ڪري پاڻ لاءِ اسان تي ڪو پيڇي ڪرڻ وارو نہ لهندؤ (٦٩).

وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِیْۤ اٰدَمَ وَحَمَلْنٰهُمْ فِی الْبَرِّ وَالْبَحْرِ وَرَزَقْنٰهُمْ مِّنَ
الطَّیِّبٰتِ وَفَضَّلْنٰهُمْ عَلٰی كَثِیْرٍ مِّمَّنْ خَلَقْنَا تَفْضِیْلًا ﴿٧٠﴾ یَوْمَ
نَدْعُوْا كُلَّ اُنَاسٍۭ بِاِمَامِهِمْ ۚ فَمَنْ اُوْتِیَ كِتٰبَهٗ بِیَمِیْنِهٖ فَاُولٰٓىِٕكَ
یَقْرَءُوْنَ كِتٰبَهُمْ وَلَا یُظْلَمُوْنَ فَتِیْلًا ﴿٧١﴾ وَمَنْ كَانَ فِیْ هٰذِهٖۤ
اَعْمٰی فَهُوَ فِی الْاٰخِرَةِ اَعْمٰی وَاَضَلُّ سَبِیْلًا ﴿٧٢﴾ وَاِنْ كَادُوْا لَیَفْتِنُوْنَكَ
عَنِ الَّذِیْۤ اَوْحَیْنَاۤ اِلَیْكَ لِتَفْتَرِیَ عَلَیْنَا غَیْرَهٗ ۖۗ وَاِذًا لَّاتَّخَذُوْكَ
خَلِیْلًا ﴿٧٣﴾ وَلَوْلَاۤ اَنْ ثَبَّتْنٰكَ لَقَدْ كِدْتَّ تَرْكَنُ اِلَیْهِمْ شَیْــًٔا قَلِیْلًا ۙۗ ﴿٧٤﴾
اِذًا لَّاَذَقْنٰكَ ضِعْفَ الْحَیٰوةِ وَضِعْفَ الْمَمَاتِ ثُمَّ لَا تَجِدُ لَكَ
عَلَیْنَا نَصِیْرًا ﴿٧٥﴾ وَاِنْ كَادُوْا لَیَسْتَفِزُّوْنَكَ مِنَ الْاَرْضِ لِیُخْرِجُوْكَ
مِنْهَا وَاِذًا لَّا یَلْبَثُوْنَ خِلٰفَكَ اِلَّا قَلِیْلًا ﴿٧٦﴾ سُنَّةَ مَنْ قَدْ اَرْسَلْنَا
قَبْلَكَ مِنْ رُّسُلِنَا وَلَا تَجِدُ لِسُنَّتِنَا تَحْوِیْلًا ﴿٧٧﴾ اَقِمِ الصَّلٰوةَ لِدُلُوْكِ
الشَّمْسِ اِلٰی غَسَقِ الَّیْلِ وَقُرْاٰنَ الْفَجْرِ ؕ اِنَّ قُرْاٰنَ الْفَجْرِ كَانَ
مَشْهُوْدًا ﴿٧٨﴾ وَمِنَ الَّیْلِ فَتَهَجَّدْ بِهٖ نَافِلَةً لَّكَ ۖۗ عَسٰۤی اَنْ یَّبْعَثَكَ
رَبُّكَ مَقَامًا مَّحْمُوْدًا ﴿٧٩﴾ وَقُلْ رَّبِّ اَدْخِلْنِیْ مُدْخَلَ صِدْقٍ وَّ
اَخْرِجْنِیْ مُخْرَجَ صِدْقٍ وَّاجْعَلْ لِّیْ مِنْ لَّدُنْكَ سُلْطٰنًا نَّصِیْرًا ﴿٨٠﴾

۽ بيشڪ آدم جي اولاد کي شرف ڏنوسون ۽ کين خشڪيءَ ۽ سمنڊ ۾ (سوارين تي) کنيوسون ۽ کين سٺين شين مان روزي ڏني سون ۽ جيڪي خلقياسون تن مان گهڻن کان کين زياده مانَ وارو ڪيوسون (٧٠). جنهن ڏينهن هر ڪنهن ٽوليءَ کي سندن اڳواڻ سان سڏينداسون، پوءِ جنهن کي سندس اعمال نامو سڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو سي پنهنجو اعمال نامو پڙهندا ۽ تند جيترو به ظلم نه ڪبن (٧١). ۽ جيڪو هن دنيا ۾ (حق سڃاڻڻ کان) انڌو ٿيو سو آخرت ۾ (به) انڌو (هوندو) ۽ واٽ کان بنهه ڀُليل رهندو (٧٢). ۽ جيڪي تو ڏانهن (پنهنجن حڪمن جو) وحي ڪيوسون تنهن کان توکي هن لاءِ دوکي ۾ وجهڻ لڳا هئا ته تون اُن کان سواءِ ٻيو ڪو اسان تي ناهه ناهين ۽ اُنهي مهل توکي دوست بڻائين (٧٣). ۽ جيڪڏهن اسين توکي (پنهنجي ڳالهه تي) پختو نه رکون ها ته ويجهو هو جو بيشڪ اُنهن ڏانهن ڪجهه ٿورو ئي لڙي پوين ها (٧٤). ته اُتي جو اُتي حياتي جو ٻيڻو عذاب ۽ موت جو (به) ٻيڻو عذاب توکي چکايون ها وري پاڻ لاءِ اسان تي ڪو مددگار نه لهين ها (٧٥). ۽ (اي پيغمبر! مڪي جي) زمين مان سگهوئي توکي هن لاءِ بيقرار ڪندا ته منجهانئس توکي لڏائين ۽ اُنهيءَ مهل توکان پوءِ (پاڻ به) ٿورو وقت رهندا (٧٦). توکان اڳ جيڪي پنهنجا پيغمبر موڪلياسون تن جي دستور موافق (جو سندن قومن کين لڏايو ته ناس ڪيو وَيُن) ۽ اسان جي دستور کي ڪا ڦير ڦار نه لهندين (٧٧). سج لڙي کان وٺي رات جي اونداهيءَ تائين نماز پڙهه ۽ فجر جو قرآن (پڙهه)- بيشڪ فجر جو قرآن پڙهڻ مهل ملائڪ حاضر ٿين ٿا (٧٨). ۽ ڪجهه رات جو اُن (قرآن) سان تهجد پڙهه جو (اها) تو لاءِ وڌيڪ عبادت آهي تنهنجو پالڻهار سگهوئي توکي ساراهيل جاءِ (مقام محمود) ۾ اُتاريندو (٧٩). ۽(اي پيغمبر!) چؤ ته اي منهنجا پالڻهار! مونکي (مديني ۾) سچائيءَ سان داخل ڪر ۽ (مڪي مان) مونکي سچائيءَ سان ٻاهر ڪڍ ۽ پاڻ وٽان مون لاءِ ڪا قوت مدد ڏيندڙ ڪر (٨٠).

وَقُلۡ جَآءَ الۡحَقُّ وَزَهَقَ الۡبَاطِلُ ؕ اِنَّ الۡبَاطِلَ كَانَ زَهُوۡقًا ﴿۸۱﴾
وَنُنَزِّلُ مِنَ الۡقُرۡاٰنِ مَا هُوَ شِفَآءٌ وَّرَحۡمَةٌ لِّلۡمُؤۡمِنِيۡنَ ۙ وَلَا يَزِيۡدُ
الظّٰلِمِيۡنَ اِلَّا خَسَارًا ﴿۸۲﴾ وَاِذَاۤ اَنۡعَمۡنَا عَلَى الۡاِنۡسَانِ اَعۡرَضَ وَنَاٰ
بِجَانِبِهٖ ۚ وَاِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ كَانَ يَـُٔوۡسًا ﴿۸۳﴾ قُلۡ كُلٌّ يَّعۡمَلُ عَلٰى
شَاكِلَتِهٖ ؕ فَرَبُّكُمۡ اَعۡلَمُ بِمَنۡ هُوَ اَهۡدٰى سَبِيۡلًا ﴿۸۴﴾ ع وَيَسۡـَٔلُوۡنَكَ
عَنِ الرُّوۡحِ ؕ قُلِ الرُّوۡحُ مِنۡ اَمۡرِ رَبِّىۡ وَمَاۤ اُوۡتِيۡتُمۡ مِّنَ الۡعِلۡمِ
اِلَّا قَلِيۡلًا ﴿۸۵﴾ وَلَئِنۡ شِئۡنَا لَنَذۡهَبَنَّ بِالَّذِىۡۤ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلَيۡكَ ثُمَّ
لَا تَجِدُ لَكَ بِهٖ عَلَيۡنَا وَكِيۡلًا ۙ ﴿۸۶﴾ اِلَّا رَحۡمَةً مِّنۡ رَّبِّكَ ؕ اِنَّ فَضۡلَهٗ
كَانَ عَلَيۡكَ كَبِيۡرًا ﴿۸۷﴾ قُلۡ لَّئِنِ اجۡتَمَعَتِ الۡاِنۡسُ وَالۡجِنُّ عَلٰٓى
اَنۡ يَّاۡتُوۡا بِمِثۡلِ هٰذَا الۡقُرۡاٰنِ لَا يَاۡتُوۡنَ بِمِثۡلِهٖ وَلَوۡ كَانَ بَعۡضُهُمۡ
لِبَعۡضٍ ظَهِيۡرًا ﴿۸۸﴾ وَلَقَدۡ صَرَّفۡنَا لِلنَّاسِ فِىۡ هٰذَا الۡقُرۡاٰنِ مِنۡ
كُلِّ مَثَلٍ فَاَبٰٓى اَكۡثَرُ النَّاسِ اِلَّا كُفُوۡرًا ﴿۸۹﴾ وَقَالُوۡا لَنۡ نُّؤۡمِنَ لَكَ
حَتّٰى تَفۡجُرَ لَنَا مِنَ الۡاَرۡضِ يَنۡۢبُوۡعًا ۙ ﴿۹۰﴾ اَوۡ تَكُوۡنَ لَكَ جَنَّةٌ مِّنۡ
نَّخِيۡلٍ وَّعِنَبٍ فَتُفَجِّرَ الۡاَنۡهٰرَ خِلٰلَهَا تَفۡجِيۡرًا ۙ ﴿۹۱﴾ اَوۡ تُسۡقِطَ السَّمَآءَ
كَمَا زَعَمۡتَ عَلَيۡنَا كِسَفًا اَوۡ تَاۡتِىَ بِاللّٰهِ وَالۡمَلٰۤـئِكَةِ قَبِيۡلًا ۙ ﴿۹۲﴾

۽ (اي پيغمبر!) چؤ تہ سچ آيو ۽ ڪوڙ يڳو۔ ڇو تہ ڪوڙ ڀڄندڙ آهي (٨١). ۽ اسين قرآن کي نازل ڪريون ٿا جو اُهو سارو مؤمنن لاءِ شفا ۽ ٻاجھہ آهي ۽ ظالمن بابت نقصان کان سواءِ (ٻيو ڪي) نہ وڌائيندو آهي (٨٢). ۽ جڏهن انسان تي ڪا نعمت (نازل) ڪندا آهيون (تڏهن) منهن موڙيندو آهي ۽ پاسيرو ٿيندو آهي، ۽ جڏهن کيس تڪليف پهچندي آهي (تڏهن) مايوس ٿيندو آهي (٨٣). (اي پيغمبر!) چؤ تہ سڀ ڪو پنهنجي ڍول تي ڪم ڪندو آهي۔ پوءِ جيڪو وڏيڪ سڌيءَ واٽ تي آهي تنهن کي تنهنجو پالڻهار چڱي طرح ڄاڻندو آهي (٨٤). ۽ (اي پيغمبر!) توکان روح بابت پڇن ٿا۔ چؤ تہ روح منهنجي پالڻهار جي اَمر مان آهي ۽ اوهان کي ٿورڙي علم کان سواءِ ڪجھہ نہ ڏنو ويو آهي (٨٥). ۽ جيڪو (قرآن) توڏانهن وحي ڪيوسون سو جيڪڏهن گهرون تہ ورائي وٺون تہ پوءِ تون پاڻ لاءِ اسان تي ڪو ڀرجهلو نہ لهندين (٨٦). پر تنهنجي پالڻهار جي ٻاجھہ (اُن ورائي وٺڻ کي جهلي رکيو) آهي۔ ڇو تہ سندس فضل تو تي وڏو آهي (٨٧). (اي پيغمبر!) چؤ تہ جيڪڏهن ماڻهو ۽ جنّ هن قرآن جهڙي (ٻئي ڪنهن ڪتاب) آڻڻ لاءِ گڏ ٿين تہ ان جهڙو ڪڏهن آڻي نہ سگهندا جيتوڻيڪ هڪ ٻئي کي مدد ڏين (٨٨). ۽ بيشڪ هن قرآن ۾ هر مثال ماڻهن لاءِ دهرائي بيان ڪيو اٿئون پر گهڻا ماڻهو بي شڪر ٿي انڪار ڪندا آهن (٨٩). ۽ چوندا آهن تہ اسين توکي (ايستائين) ڪڏهن نہ مڃينداسون جيستائين زمين ۾ اسان لاءِ ڪو چشمو وهائين (٩٠). يا کجين ۽ انگورن مان تو لاءِ ڪو باغ ٿئي پوءِ سندس وچ ۾ تون وهندڙ واهيون وهائين (٩١). يا جهڙيءَ طرح تو ڀانيو تهڙيءَ طرح اسان تي آسمان ٽُڪر ٽُڪر ڪري ڪيرائين يا تون الله ۽ ملائڪن کي سامهون آڻين (٩٢).

اَوْ يَكُوْنَ لَكَ بَيْتٌ مِّنْ زُخْرُفٍ اَوْ تَرْقٰى فِى السَّمَآءِ ؕ وَلَنْ نُّؤْمِنَ
لِرُقِيِّكَ حَتّٰى تُنَزِّلَ عَلَيْنَا كِتٰبًا نَّقْرَؤُهٗ ؕ قُلْ سُبْحَانَ رَبِّىْ هَلْ
كُنْتُ اِلَّا بَشَرًا رَّسُوْلًا ﴿۹۳﴾ وَمَا مَنَعَ النَّاسَ اَنْ يُّؤْمِنُوْۤا اِذْ جَآءَهُمُ
الْهُدٰۤى اِلَّاۤ اَنْ قَالُوْۤا اَبَعَثَ اللّٰهُ بَشَرًا رَّسُوْلًا ﴿۹۴﴾ قُلْ لَّوْ كَانَ فِى
الْاَرْضِ مَلٰٓئِكَةٌ يَّمْشُوْنَ مُطْمَئِنِّيْنَ لَنَزَّلْنَا عَلَيْهِمْ مِّنَ السَّمَآءِ
مَلَكًا رَّسُوْلًا ﴿۹۵﴾ قُلْ كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًاۢ بَيْنِىْ وَبَيْنَكُمْ ؕ اِنَّهٗ كَانَ
بِعِبَادِهٖ خَبِيْرًاۢ بَصِيْرًا ﴿۹۶﴾ وَمَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِ ۚ وَمَنْ
يُّضْلِلْ فَلَنْ تَجِدَ لَهُمْ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِهٖ ؕ وَنَحْشُرُهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ
عَلٰى وُجُوْهِهِمْ عُمْيًا وَّبُكْمًا وَّصُمًّا ؕ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ؕ كُلَّمَا خَبَتْ
زِدْنٰهُمْ سَعِيْرًا ﴿۹۷﴾ ذٰلِكَ جَزَآؤُهُمْ بِاَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِنَا وَقَالُوْۤا
ءَاِذَا كُنَّا عِظَامًا وَّرُفَاتًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ خَلْقًا جَدِيْدًا ﴿۹۸﴾
اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ الَّذِىْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ قَادِرٌ عَلٰۤى
اَنْ يَّخْلُقَ مِثْلَهُمْ وَجَعَلَ لَهُمْ اَجَلًا لَّا رَيْبَ فِيْهِ ؕ فَاَبَى الظّٰلِمُوْنَ
اِلَّا كُفُوْرًا ﴿۹۹﴾ قُلْ لَّوْ اَنْتُمْ تَمْلِكُوْنَ خَزَآئِنَ رَحْمَةِ رَبِّىْۤ اِذًا
لَّاَمْسَكْتُمْ خَشْيَةَ الْاِنْفَاقِ ؕ وَكَانَ الْاِنْسَانُ قَتُوْرًا ﴿۱۰۰﴾ ع

يا توکي کا سوني ماڙي هجي يا آسمان تي چڙهين- ۽ تنهنجي چڙهڻ کي (ايستائين) کڏهن نہ مڃينداسون جيستائين اسان تي (اهڙو لکيل) ڪتاب لاهين جنهن کي پڙهون- چؤ تہ منهنجو پالڻهار پاڪ آهي آءٌ رڳو پيغام پهچائڻ وارو ماڻهو آهيان (٩٣). ۽ جڏهن ماڻهن وٽ هدايت آئي (تڏهن) کين ايمان آڻڻ کان هن ڳالهہ کان نہ جهليو آهي جو چوندا آهن تہ الله پيغمبر کي چو ماڻهو ڪري موڪليو (٩٤). (اي پيغمبر) چؤ تہ جيڪڏهن ملائڪ (اوهان جيان) زمين ۾ تڪندڙ ٿي گهمن ڦرن ها تہ اسين مٿن ضرور آسمان مان ملائڪ پيغمبر ڪري موڪليون ها (٩٥). (اي پيغمبر!) چؤ تہ الله اوهان ۽ اسان جي وچ ۾ شاهد ڪافي آهي- بيشڪ اُهو پنهنجن ٻانهن جي خبر رکندڙ ڏسندڙ آهي (٩٦). ۽ جنهن کي الله هدايت ڪئي سو هدايت وارو آهي، ۽ جيڪي گمراهہ ڪيا تن لاءِ تون الله کان سواءِ ڪوئي دوست نہ لهندين- ۽ کين قيامت جي ڏينهن سندن منهن ڀر انڌا ۽ گونگا ۽ ٻوڙا ڪري گڏ ڪنداسون- سندن جاءِ دوزخ آهي- جنهن مهل جهڪو ٿيندو تنهن مهل اُنهن لاءِ دوزخ کي وڌيڪ تپائينداسون (٩٧). اِها سندن سزا هن سببان آهي جو اسان جي نشانين جو انڪار ڪيائون ۽ چيائون تہ جڏهن اسين هڏا ۽ چورو ٿينداسون (تڏهن) وري نئين سر پيدا ٿي اُٿاريا ويندا سون ڇا؟ (٩٨). نہ ڏسندا آهن ڇا تہ جنهن الله آسمانن ۽ زمين کي بڻايو سو سندن اهڙي بڻائڻ تي وس وارو آهي ۽ اُنهن لاءِ اِها مدت مقرر ڪيائين جنهن ۾ ڪو شڪ نہ آهي- پوءِ ظالم اِنڪار کان سواءِ ڪجھ قبول نہ ڪندا آهن (٩٩). (اي پيغمبر!) چؤ تہ جيڪڏهن اوهين منهنجي پالڻهار جي ٻاجھ جي خزانن جا مالڪ هجو ها تہ اُنهي مهل (سڀ) خرچ ٿي وڃڻ جي ڀؤ کان اوهين ضرور بند رکو ها- ۽ انسان پڪو ڀيچ (بخيل) آهي (١٠٠).

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسٰى تِسْعَ اٰيٰتٍۢ بَيِّنٰتٍ فَسْـَٔلْ بَنِىْٓ اِسْرَآءِيْلَ اِذْ جَآءَهُمْ
فَقَالَ لَهٗ فِرْعَوْنُ اِنِّىْ لَاَظُنُّكَ يٰمُوْسٰى مَسْحُوْرًا ﴿۱۰۱﴾ قَالَ لَقَدْ عَلِمْتَ مَآ
اَنْزَلَ هٰٓؤُلَآءِ اِلَّا رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ بَصَآئِرَ ۚ وَاِنِّىْ لَاَظُنُّكَ
يٰفِرْعَوْنُ مَثْبُوْرًا ﴿۱۰۲﴾ فَاَرَادَ اَنْ يَّسْتَفِزَّهُمْ مِّنَ الْاَرْضِ فَاَغْرَقْنٰهُ وَ
مَنْ مَّعَهٗ جَمِيْعًا ﴿۱۰۳﴾ وَّقُلْنَا مِنْۢ بَعْدِهٖ لِبَنِىْٓ اِسْرَآءِيْلَ اسْكُنُوا
الْاَرْضَ فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ الْاٰخِرَةِ جِئْنَا بِكُمْ لَفِيْفًا ﴿۱۰۴﴾ ؕ وَبِالْحَقِّ اَنْزَلْنٰهُ
وَبِالْحَقِّ نَزَلَ ؕ وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا مُبَشِّرًا وَّنَذِيْرًا ﴿۱۰۵﴾ وَقُرْاٰنًا فَرَقْنٰهُ
لِتَقْرَاَهٗ عَلَى النَّاسِ عَلٰى مُكْثٍ وَّنَزَّلْنٰهُ تَنْزِيْلًا ﴿۱۰۶﴾ قُلْ اٰمِنُوْا بِهٖٓ اَوْ
لَا تُؤْمِنُوْا ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ مِنْ قَبْلِهٖٓ اِذَا يُتْلٰى عَلَيْهِمْ
يَخِرُّوْنَ لِلْاَذْقَانِ سُجَّدًا ۙ ﴿۱۰۷﴾ وَّيَقُوْلُوْنَ سُبْحٰنَ رَبِّنَآ اِنْ كَانَ
وَعْدُ رَبِّنَا لَمَفْعُوْلًا ﴿۱۰۸﴾ وَيَخِرُّوْنَ لِلْاَذْقَانِ يَبْكُوْنَ وَيَزِيْدُهُمْ
خُشُوْعًا ۩ ﴿۱۰۹﴾ قُلِ ادْعُوا اللّٰهَ اَوِ ادْعُوا الرَّحْمٰنَ ؕ اَيًّا مَّا تَدْعُوْا فَلَهُ الْاَسْمَآءُ
الْحُسْنٰى ۚ وَلَا تَجْهَرْ بِصَلَاتِكَ وَلَا تُخَافِتْ بِهَا وَابْتَغِ بَيْنَ ذٰلِكَ
سَبِيْلًا ﴿۱۱۰﴾ وَقُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِىْ لَمْ يَتَّخِذْ وَلَدًا وَّلَمْ يَكُنْ لَّهٗ
شَرِيْكٌ فِى الْمُلْكِ وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ وَلِىٌّ مِّنَ الذُّلِّ وَكَبِّرْهُ تَكْبِيْرًا ﴿۱۱۱﴾ ع

۽ بيشڪ موسيٰ کي نَوَ پڌريون نشانيون ڏنيون سون پوءِ بني اسرائيلن کان پڇ تہ جڏهن (اُهو) وٽن آيو تڏهن کيس فرعون چيو تہ اي موسيٰ بيشڪ آءٌ توکي يقيناً جادو ٿيل ڀانئيندو آهيان (١٠١). (موسيٰ) چيو تہ بيشڪ تو ڄاتو آهي تہ اِهي (نشانيون) آسمانن ۽ زمين جي پالڻهار کان سواءِ (ٻئي ڪنهن) نہ نازل ڪيون آهن (اوهانجي) سمجهاڻ لاءِ (تہ ڪين ڏسي مون کي مڃيو)، ۽ اي فرعون! بيشڪ آءٌ توکي (اُنهن جي انڪار سببان) هلاڪ ٿيل ڀانئيندو آهيان (١٠٢). پوءِ فرعون ملڪ مان سندن لوڏڻ جو ارادو ڪيو پوءِ فرعون ۽ سندس ساري سنگت کي ٻوڙيو سون (١٠٣). ۽ ڪانئس پوءِ بني اسرائيلن کي چيوسون تہ انهيءَ ملڪ ۾ رهو پوءِ جڏهن آخرت جو وعدو آيو (تڏهن) اوهان کي لپيٽي آڻينداسون (١٠٤). ۽ اُن (قرآن) کي اسان سچ سان نازل ڪيو آهي ۽ اُهو سچ سان نازل ٿيو آهي- ۽ توکي خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ کان سواءِ نہ موڪليوسون- (١٠٥). ۽ اُن قرآن کي جدا جدا (سورتون ۽ آيتون) هن لاءِ ڪيوسون تہ اُهو ماڻهن کي آهستي آهستي پڙهي ٻڌائين ۽ اُن کي ٿورو ٿورو ڪري لاٿوسون (١٠٦). (اي پيغمبر!) چؤ تہ اوهين اُن (قرآن) کي مڃيو توڙي نہ مڃيو- بيشڪ جن کي هن کان اڳ علم ڏنو ويو آهي تن وٽ جڏهن (قرآن) پڙهبو آهي (تڏهن) سجدو ڪندڙ ٿي کاڏين ڀر ڪرندا آهن (١٠٧). ۽ چوندا آهن تہ اسان جو پالڻهار پاڪ آهي بيشڪ اسان جي پالڻهار جو انجام ضرور (پورو) ٿيڻو آهي (١٠٨). ۽ روئيندا کاڏين ڀر ڪرندا آهن ۽ (قرآن) منجهن عاجزي وڌائيندو آهي (١٠٩). (اي پيغمبر!) چؤ تہ (الله کي) الله (جي نالي سان) سڏيو يا رحمان (جي نالي سان) سڏيو، جنهن نالي سان (اوهين) سڏيو اُنهيءَ جا (سڀ) نالا سهڻا آهن، ۽ پنهنجي نماز ۾ نڪي تمام ڏاڍيان پڙهہ ۽ نڪي تمام هوريان پڙهہ اُنهيءَ جي وچواري واٽ اختيار ڪر (١١٠). ۽ چؤ تہ سڀ ساراهہ اُنهيءَ الله کي جڳائي جنهن (پاڻ لاءِ) ڪو اولاد نہ ورتو آهي ۽ نڪي سندس ملڪ ۾ ڪو ڀائيوار آهي ۽ نڪي ڪنهن هيڻائي جي سبب سندس ڪو مددگار آهي ۽ هن جي گهڻي قدر وڏائي بيان ڪر (١١١).

# سُوۡرَةُ الۡكَهۡفِ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِىۡۤ اَنۡزَلَ عَلٰى عَبۡدِهِ الۡكِتٰبَ وَلَمۡ يَجۡعَلۡ
لَّهٗ عِوَجًا ؕ ﴿۱﴾ قَيِّمًا لِّيُنۡذِرَ بَاۡسًا شَدِيۡدًا مِّنۡ لَّدُنۡهُ وَيُبَشِّرَ
الۡمُؤۡمِنِيۡنَ الَّذِيۡنَ يَعۡمَلُوۡنَ الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمۡ اَجۡرًا حَسَنًا ۙ ﴿۲﴾
مَّاكِثِيۡنَ فِيۡهِ اَبَدًا ۙ ﴿۳﴾ وَّيُنۡذِرَ الَّذِيۡنَ قَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ
وَلَدًا ۖ ﴿۴﴾ مَا لَهُمۡ بِهٖ مِنۡ عِلۡمٍ وَّلَا لِاٰبَآئِهِمۡ ؕ كَبُرَتۡ كَلِمَةً
تَخۡرُجُ مِنۡ اَفۡوَاهِهِمۡ ؕ اِنۡ يَّقُوۡلُوۡنَ اِلَّا كَذِبًا ﴿۵﴾ فَلَعَلَّكَ
بَاخِعٌ نَّفۡسَكَ عَلٰٓى اٰثَارِهِمۡ اِنۡ لَّمۡ يُؤۡمِنُوۡا بِهٰذَا الۡحَدِيۡثِ
اَسَفًا ﴿۶﴾ اِنَّا جَعَلۡنَا مَا عَلَى الۡاَرۡضِ زِيۡنَةً لَّهَا لِنَبۡلُوَهُمۡ اَيُّهُمۡ
اَحۡسَنُ عَمَلًا ﴿۷﴾ وَاِنَّا لَجٰعِلُوۡنَ مَا عَلَيۡهَا صَعِيۡدًا جُرُزًا ؕ ﴿۸﴾
اَمۡ حَسِبۡتَ اَنَّ اَصۡحٰبَ الۡكَهۡفِ وَالرَّقِيۡمِ كَانُوۡا مِنۡ
اٰيٰتِنَا عَجَبًا ﴿۹﴾ اِذۡ اَوَى الۡفِتۡيَةُ اِلَى الۡكَهۡفِ فَقَالُوۡا رَبَّنَاۤ
اٰتِنَا مِنۡ لَّدُنۡكَ رَحۡمَةً وَّهَيِّئۡ لَنَا مِنۡ اَمۡرِنَا رَشَدًا ﴿۱۰﴾
فَضَرَبۡنَا عَلٰٓى اٰذَانِهِمۡ فِى الۡكَهۡفِ سِنِيۡنَ عَدَدًا ۙ ﴿۱۱﴾

سورة كهف مكي آهي ۽ هيءَ هڪ سؤ ڏهه
آيتون ۽ ٻارهن رڪوع آهي.

اللہ ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

سڀ ساراهه انهيءَ اللہ کي جڳائي جنهن پنهنجي ٻانهي (محمد ﷺ) تي ڪتاب لاٿو ۽ اُن ۾ ڪو ڏنگ (ڏانؤ) نہ رکيائين (١). (هن لاءِ) سڌو ڪيائين تہ پاڻ وٽان سخت مصيبت کان ڪافرن کي ڊيڄاري ۽ اُنهن مؤمنن کي خوشخبري ڏي جيڪي چڱا ڪم ڪندا آهن تہ اُنهن لاءِ چڱو اَجر آهي (٢). منجهس سدائين رهڻ وارا آهن (٣). ۽ اُنهن کي ڊيڄاري جيڪي چون ٿا تہ اللہ (پاڻ لاءِ) پٽ ورتو آهي (۴). جنهن جو نڪي کين ۽ نڪي سندن پيءُ ڏاڏن کي ڪو علم آهي- وڏي (گناه جي) ڳالهه آهي جا سندن واتن مان نڪري ٿي! اُهي ڪوڙ چوڻ کان سواءِ (ٻيو ڪجهہ) نہ چوندا آهن (٥). جيڪڏهن انهن هن (قرآن واري) ڳالهہ تي ايمان نہ آندو تہ شايد تون (اي پيغمبر! ان) ارمان مان سندن پويان پاڻ کي هلاڪ ڪرين (٦). جيڪي زمين تي آهي سو اسان اُن جي سينگار لاءِ هن ڪري ڪيو تہ کين آزمايون تہ اُنهن منجهان عملن ۾ وڌيڪ چڱو ڪير آهي؟ (٧). ۽ اُن زمين تي جيڪا (آبادي) آهي سا اسين ميدان ڪرڻ وارا آهيون (٨). ڀانيو اَٿيئي ڇا؟ تہ غار ۽ رقيم (سندن نالن واري ڪتبي) وارا اسان جي عجب نشانين مان هئا (٩). جڏهن غار ۾ انهن جوانن پناهه ورتي تڏهن چيائون تہ اي اسان جا پالڻهار پاڻ وٽان اسان کي ٻاجهہ عطا ڪر ۽ اسان جي ڪم ۾ اسان لاءِ آساني ڪر (١٠). پوءِ ڪيترائي ورهہ غار ۾ سندن ڪنن تي (ڳهاٽي ننڊ جا پردا) هنياسون (١١).

ثُمَّ بَعَثْنٰهُمْ لِنَعْلَمَ اَیُّ الْحِزْبَیْنِ اَحْصٰی لِمَا لَبِثُوْۤا اَمَدًا ﴿۱۲﴾ ع

نَحْنُ نَقُصُّ عَلَیْكَ نَبَاَهُمْ بِالْحَقِّ ؕ اِنَّهُمْ فِتْیَةٌ اٰمَنُوْا بِرَبِّهِمْ

وَ زِدْنٰهُمْ هُدًی ﴿۱۳﴾ ۖۗ وَّ رَبَطْنَا عَلٰی قُلُوْبِهِمْ اِذْ قَامُوْا فَقَالُوْا

رَبُّنَا رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ لَنْ نَّدْعُوَا۠ مِنْ دُوْنِهٖۤ اِلٰهًا لَّقَدْ

قُلْنَاۤ اِذًا شَطَطًا ﴿۱۴﴾ هٰۤؤُلَآءِ قَوْمُنَا اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖۤ اٰلِهَةً ؕ لَوْ

لَا یَاْتُوْنَ عَلَیْهِمْ بِسُلْطٰنٍۭ بَیِّنٍ ؕ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰی

عَلَی اللّٰهِ كَذِبًا ﴿۱۵﴾ ؕ وَ اِذِ اعْتَزَلْتُمُوْهُمْ وَ مَا یَعْبُدُوْنَ اِلَّا اللّٰهَ

فَاْوٗۤا اِلَی الْكَهْفِ یَنْشُرْ لَكُمْ رَبُّكُمْ مِّنْ رَّحْمَتِهٖ وَ یُهَیِّئْ لَكُمْ

مِّنْ اَمْرِكُمْ مِّرْفَقًا ﴿۱۶﴾ وَ تَرَی الشَّمْسَ اِذَا طَلَعَتْ تَّزٰوَرُ عَنْ

كَهْفِهِمْ ذَاتَ الْیَمِیْنِ وَ اِذَا غَرَبَتْ تَّقْرِضُهُمْ ذَاتَ الشِّمَالِ

وَ هُمْ فِیْ فَجْوَةٍ مِّنْهُ ؕ ذٰلِكَ مِنْ اٰیٰتِ اللّٰهِ ؕ مَنْ یَّهْدِ اللّٰهُ فَهُوَ

الْمُهْتَدِ ۚ وَ مَنْ یُّضْلِلْ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ وَلِیًّا مُّرْشِدًا ﴿۱۷﴾ ع وَ

تَحْسَبُهُمْ اَیْقَاظًا وَّ هُمْ رُقُوْدٌ ۖۗ وَّ نُقَلِّبُهُمْ ذَاتَ الْیَمِیْنِ وَ

ذَاتَ الشِّمَالِ ۖۗ وَ كَلْبُهُمْ بَاسِطٌ ذِرَاعَیْهِ بِالْوَصِیْدِ ؕ لَوِ اطَّلَعْتَ

عَلَیْهِمْ لَوَلَّیْتَ مِنْهُمْ فِرَارًا وَّ لَمُلِئْتَ مِنْهُمْ رُعْبًا ﴿۱۸﴾

وري ڪين هن لاءِ اُٿاريوسون تہ ڏيکاريون تہ جا مدت رهيا سا ٻنهي ٽولين مان ڪهڙي کي ياد آهي (١٢). اسين توکي سندن سچي خبر بيان ڪريون ٿا۔ بيشڪ اُهي چند نوجوان هئا جو پنهنجي رب تي ايمان آندو هئائون ۽ کين وڌيڪ هدايت ڪئي هئي سون (١٣). ۽ سندن دلين کي مضبوط ڪيوسون جڏهن اُٿيا تڏهن چيائون تہ اسان جو رب! آسمانن ۽ زمين جو رب آهي اُن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي معبود ڪري نہ سڏيندا سون (جي سڏيوسون تہ) ضرور بيشڪ اُنهي مهل بيهودي ڳالهہ چئي سون (١۴). اسان جي هن قوم الله کان سواءِ ٻيا معبود ورتا آهن۔ مٿن ڇو نہ ڪو پڌرو دليل آڻيندا آهن؟ پوءِ جيڪو الله تي ڪوڙو ناھ ناهي تنهن کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي؟ (١٥). ۽ جڏهن اوهين اُنهن (مشرڪن) کان ۽ الله کان سواءِ جن کي پوڄيندا آهن تن کان پاسي ٿيو تڏهن غار ڏانهن پناه وٺو تہ اوهان جو رب اوهان لاءِ پنهنجي رحمت پکيڙيندو ۽ اوهان جي ڪم ۾ اوهان لاءِ سولائي مهيا ڪندو (١٦). ۽ (اي ڏسندڙ) جڏهن سج اُڀري (تڏهن) ڏسندين تہ (اُس) سندن غار کان سڄي پاسي لڙندي آهي ۽ جڏهن لهي تڏهن سندن کٻي پاسي مُڙندي آهي ۽ اهي اُن (غار جي) ويڪرائيءَ ۾ آهن۔ اِها الله جي نشانين مان آهي۔ جنهن کي الله هدايت ڪري سو هدايت وارو آهي، ۽ جنهن کي گمراھ ڪري تنهن لاءِ ڪوبہ دوست واٽ ڏيکاريندڙ نہ لهندين (١٧). ۽ تون کين جاڳندڙ ڀانئيندين پر اِهي (ننڊ ۾) سمهيل آهن ۽ کين سڄي پاسي ۽ کٻي پاسي تي اُٿلائيندا آهيون ۽ سندن ڪتو چائٺ تي اڳيون ٽنگون ڊگهيريو پيو آهي۔ جيڪڏهن مٿن بيهي ڏسين تہ کائن ڀڄندڙ ٿي پٺي ڦيرين ۽ کائن دهشت مان ڀرجي وڃين (١٨).

وَكَذٰلِكَ بَعَثْنٰهُمْ لِيَتَسَآءَلُوْا بَيْنَهُمْ ؕ قَالَ قَآئِلٌ مِّنْهُمْ
كَمْ لَبِثْتُمْ ؕ قَالُوْا لَبِثْنَا يَوْمًا اَوْ بَعْضَ يَوْمٍ ؕ قَالُوْا رَبُّكُمْ
اَعْلَمُ بِمَا لَبِثْتُمْ ؕ فَابْعَثُوْٓا اَحَدَكُمْ بِوَرِقِكُمْ هٰذِهٖٓ
اِلَى الْمَدِيْنَةِ فَلْيَنْظُرْ اَيُّهَآ اَزْكٰى طَعَامًا فَلْيَاْتِكُمْ بِرِزْقٍ
مِّنْهُ وَلْيَتَلَطَّفْ وَلَا يُشْعِرَنَّ بِكُمْ اَحَدًا ﴿١٩﴾
اِنَّهُمْ اِنْ يَّظْهَرُوْا عَلَيْكُمْ يَرْجُمُوْكُمْ اَوْ يُعِيْدُوْكُمْ
فِيْ مِلَّتِهِمْ وَلَنْ تُفْلِحُوْٓا اِذًا اَبَدًا ﴿٢٠﴾ وَكَذٰلِكَ اَعْثَرْنَا
عَلَيْهِمْ لِيَعْلَمُوْٓا اَنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّاَنَّ السَّاعَةَ لَا
رَيْبَ فِيْهَا ۚ اِذْ يَتَنَازَعُوْنَ بَيْنَهُمْ اَمْرَهُمْ فَقَالُوا ابْنُوْا
عَلَيْهِمْ بُنْيَانًا ؕ رَبُّهُمْ اَعْلَمُ بِهِمْ ؕ قَالَ الَّذِيْنَ غَلَبُوْا
عَلٰٓى اَمْرِهِمْ لَنَتَّخِذَنَّ عَلَيْهِمْ مَّسْجِدًا ﴿٢١﴾ سَيَقُوْلُوْنَ
ثَلٰثَةٌ رَّابِعُهُمْ كَلْبُهُمْ ۚ وَيَقُوْلُوْنَ خَمْسَةٌ سَادِسُهُمْ كَلْبُهُمْ
رَجْمًا بِالْغَيْبِ ۚ وَيَقُوْلُوْنَ سَبْعَةٌ وَّثَامِنُهُمْ كَلْبُهُمْ ؕ قُلْ
رَّبِّيْٓ اَعْلَمُ بِعِدَّتِهِمْ مَّا يَعْلَمُهُمْ اِلَّا قَلِيْلٌ ۬ فَلَا تُمَارِ فِيْهِمْ
اِلَّا مِرَآءً ظَاهِرًا ۪ وَّلَا تَسْتَفْتِ فِيْهِمْ مِّنْهُمْ اَحَدًا ﴿٢٢﴾

۽ اهڙي طرح ڪين هن لاءِ اٿاريوسون ته پاڻ ۾ پڇن- منجهانئن چوندڙ چيو ته (اوهين هتي) ڪيترو ترسيؤ- چيائون ته هڪ ڏينهن يا ڏينهن جو ڪجهه (حصو) رهياسون (ڪن) چيو ته جيترو اوهين رهيا آهيو سو اوهان جو رب وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي- پوءِ پاڻ مان هڪ کي هن پنهنجي سڪي سان شهر ڏانهن موڪليو پوءِ پلي ڏسي ته اُن (ڳوٺ) جو ڪهڙو وڌيڪ پاڪ (حلال) طعام آهي پوءِ منجهانئس ڪجهه (طعام) اوهان وٽ آڻي ۽ جڳائي ته (خريداري مهل) نرمي (۽ هوشياري) ڪري ۽ اوهان جو حال ڪنهن هڪڙي کي نه ڄاڻائي (١٩). ڇو ته جيڪڏهن (اُهي) اوهان تي واقف ٿيندا ته اوهان کي سنگسار ڪندا يا پنهنجي مذهب ۾ اوهان کي موٽائيندا ۽ اُنهيءَ مهل اوهين بلڪل ڪڏهن نه ڪامياب ٿيندؤ (٢٠). ۽ اهڙي طرح (تڏهن) ماڻهن کي هن لاءِ مٿن خبردار ڪيوسون ته ڄاڻن ته الله جو انجام سچو آهي ۽ بيشڪ قيامت (ٿيڻي) آهي منجهس ڪو شڪ نه آهي. تڏهن اُنهن جي ڳالهه بابت پاڻ ۾ جهڳڙو ڪرڻ لڳا پوءِ چيائون ته اُنهن (جي غار) تي ڪا اڏاوت اڏيو. سندن پالڻهار کين وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي- جيڪي پنهنجي ڳالهه ۾ غالب ٿيا تن چيو ته اُنهن (جي غار) تي مسجد ضرور بڻائيندا سون (٢١). (ڪي) چوندا ته (اُهي) ٽي آهن چوٿون سندن ڪتو آهي، ۽ (ڪي) چوندا ته پنج آهن ڇهون سندن ڪتو آهي ڳجهه بابت اٽڪل هڻندا آهن، ۽ (ڪي) چوندا ته ست آهن اٺون سندن ڪتو آهي- (اي پيغمبر) چؤ ته سندن ڳاڻيٽو منهنجو پالڻهار وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي اُنهن کي رڳا ڪي ٿورا ڄاڻندا آهن پوءِ اُنهن بابت سرسري جهڳڙي ڪرڻ کان سواءِ جهڳڙو نه ڪر ۽ نڪي اُنهن بابت ڪافرن مان ڪنهن هڪ کان پڇا ڪر (٢٢).

وَلَا تَقُوْلَنَّ لِشَایْءٍ اِنِّیْ فَاعِلٌ ذٰلِكَ غَدًا ﴿٢٣﴾ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ
اللّٰهُ ۫ وَاذْكُرْ رَّبَّكَ اِذَا نَسِيْتَ وَقُلْ عَسٰٓى اَنْ يَّهْدِيَنِ
رَبِّيْ لِاَقْرَبَ مِنْ هٰذَا رَشَدًا ﴿٢٤﴾ وَلَبِثُوْا فِيْ كَهْفِهِمْ
ثَلٰثَ مِائَةٍ سِنِيْنَ وَازْدَادُوْا تِسْعًا ﴿٢٥﴾ قُلِ اللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا
لَبِثُوْا ۚ لَهٗ غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ اَبْصِرْ بِهٖ وَاَسْمِعْ ؕ مَا
لَهُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّلِيٍّ ۫ وَّلَا يُشْرِكُ فِيْ حُكْمِهٖٓ اَحَدًا ﴿٢٦﴾
وَاتْلُ مَآ اُوْحِيَ اِلَيْكَ مِنْ كِتَابِ رَبِّكَ ؕ لَا مُبَدِّلَ لِكَلِمٰتِهٖ ۚ قف
وَلَنْ تَجِدَ مِنْ دُوْنِهٖ مُلْتَحَدًا ﴿٢٧﴾ وَاصْبِرْ نَفْسَكَ مَعَ الَّذِيْنَ
يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَالْعَشِيِّ يُرِيْدُوْنَ وَجْهَهٗ
وَلَا تَعْدُ عَيْنٰكَ عَنْهُمْ ۚ تُرِيْدُ زِيْنَةَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَ
لَا تُطِعْ مَنْ اَغْفَلْنَا قَلْبَهٗ عَنْ ذِكْرِنَا وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ وَكَانَ
اَمْرُهٗ فُرُطًا ﴿٢٨﴾ وَقُلِ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكُمْ ۫ قف فَمَنْ شَآءَ فَلْيُؤْمِنْ
وَّمَنْ شَآءَ فَلْيَكْفُرْ ۚ اِنَّآ اَعْتَدْنَا لِلظّٰلِمِيْنَ نَارًا
اَحَاطَ بِهِمْ سُرَادِقُهَا ؕ وَاِنْ يَّسْتَغِيْثُوْا يُغَاثُوْا بِمَآءٍ
كَالْمُهْلِ يَشْوِي الْوُجُوْهَ ؕ بِئْسَ الشَّرَابُ ؕ وَسَآءَتْ مُرْتَفَقًا ﴿٢٩﴾

۽ ڪنهن ڪم لاءِ هرگز نہ چؤ تہ آءٌ پڪ هيءُ سڀاڻي ڪندس (٢٣). مگر (چؤ) ان شاءَ الله ۽ جڏهن وسارين (تڏهن) پنهنجي رب کي ياد ڪر ۽ چؤ تہ سگهو ئي منهنجو پالڻهار هن کان بہ وڌيڪ ويجهو سڌو رستو مونکي ڏيکاريندو (٢۴). ۽ اُهي پنهنجي غار ۾ ٽن سؤن ورهن کان نؤ ورهہ وڌيڪ رهيا (٢٥). چؤ تہ جيڪي رهيا سو الله وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي، اُن کي آسمانن ۽ زمين جو ڳجهہ (معلوم) آهي- ڪهڙو عجيب ڏسندڙ ۽ ڪهڙو عجيب ٻڌندڙ آهي! اُن کان سواءِ ڪو اُنهن جو مددگار نہ آهي، ۽ پنهنجي حڪم ۾ ڪنهن هڪ کي ڀائيوار نہ ڪندو آهي (٢٦). ۽ تنهنجي پالڻهار جي ڪتاب مان جيڪي توڏانهن وحي ڪيو ويو سو پڙهہ سندس حڪم کي ڪا ڦير ڦار نہ آهي، ۽ اُن کان سواءِ تون ڪا واهہ نہ لهندين (٢٧). ۽ پاڻ کي اُنهن سان صبر ۾ رک جيڪي پنهنجي پالڻهار کي صبح ۽ سانجهي جو ياد ڪندا آهن سندس رضامندي گهرندا آهن ۽ (گهرجي تہ) تنهنجون اکيون دنيا جي حياتي جي سينگار جو ارادو رکي اُنهن (ياد ڪندڙن) کان (ٻئي پاسي) نہ واجهائين، ۽ اُنهيءَ جي فرمان برداري نہ ڪر جنهن جي دل اسان پنهنجي ياد ڪرڻ کان غافل ڪئي ۽ پنهنجي خواهش جي پٺيان لڳو ۽ سندس ڪم حد کان وڌيل آهي (٢٨). ۽ چؤ تہ (اهو سخن) اوهان جي پالڻهار وٽان (آيل) سچ آهي، پوءِ جنهن کي وڻي سو ايمان آڻي ۽ جنهن کي وڻي سو نہ مڃي. اسان ظالمن لاءِ باهہ تيار ڪئي آهي ۽ اُن جا پردا اُنهن کي ويڙهيندا- ۽ جيڪڏهن فرياد ڪندا تہ اُنهن جي فرياد اهڙي پاڻيءَ سان ورنائي ويندي جو پگهاريل ٽامي وانگر هوندو سندن منهن کي ڀُڃندو- اُهو بڇڙو پيئڻ آهي- ۽ بڇڙو آرام جو هنڌ آهي (٢٩).

اِنَّ الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اِنَّا لَا نُضِیۡعُ اَجۡرَ مَنۡ
اَحۡسَنَ عَمَلًا ﴿۳۰﴾ ۚ اُولٰٓئِکَ لَهُمۡ جَنّٰتُ عَدۡنٍ تَجۡرِیۡ مِنۡ
تَحۡتِهِمُ الۡاَنۡهٰرُ یُحَلَّوۡنَ فِیۡهَا مِنۡ اَسَاوِرَ مِنۡ ذَهَبٍ وَّ
یَلۡبَسُوۡنَ ثِیَابًا خُضۡرًا مِّنۡ سُنۡدُسٍ وَّ اِسۡتَبۡرَقٍ مُّتَّکِـِٕیۡنَ
فِیۡهَا عَلَی الۡاَرَآئِکِ ؕ نِعۡمَ الثَّوَابُ ؕ وَ حَسُنَتۡ مُرۡتَفَقًا ﴿۳۱﴾ ع وَ اضۡرِبۡ
لَهُمۡ مَّثَلًا رَّجُلَیۡنِ جَعَلۡنَا لِاَحَدِهِمَا جَنَّتَیۡنِ مِنۡ اَعۡنَابٍ
وَّ حَفَفۡنٰهُمَا بِنَخۡلٍ وَّ جَعَلۡنَا بَیۡنَهُمَا زَرۡعًا ﴿۳۲﴾ ؕ کِلۡتَا الۡجَنَّتَیۡنِ
اٰتَتۡ اُکُلَهَا وَ لَمۡ تَظۡلِمۡ مِّنۡهُ شَیۡـًٔا ۙ وَّ فَجَّرۡنَا خِلٰلَهُمَا نَهَرًا ﴿۳۳﴾ ۙ
وَّ کَانَ لَهٗ ثَمَرٌ ۚ فَقَالَ لِصَاحِبِهٖ وَ هُوَ یُحَاوِرُهٗۤ اَنَا
اَکۡثَرُ مِنۡکَ مَالًا وَّ اَعَزُّ نَفَرًا ﴿۳۴﴾ وَ دَخَلَ جَنَّتَهٗ وَ هُوَ
ظَالِمٌ لِّنَفۡسِهٖ ۚ قَالَ مَاۤ اَظُنُّ اَنۡ تَبِیۡدَ هٰذِهٖۤ اَبَدًا ﴿۳۵﴾ ۙ
وَّ مَاۤ اَظُنُّ السَّاعَةَ قَآئِمَةً ۙ وَّ لَئِنۡ رُّدِدۡتُّ اِلٰی رَبِّیۡ لَاَجِدَنَّ
خَیۡرًا مِّنۡهَا مُنۡقَلَبًا ﴿۳۶﴾ ۚ قَالَ لَهٗ صَاحِبُهٗ وَ هُوَ یُحَاوِرُهٗۤ
اَکَفَرۡتَ بِالَّذِیۡ خَلَقَکَ مِنۡ تُرَابٍ ثُمَّ مِنۡ نُّطۡفَةٍ ثُمَّ
سَوّٰىکَ رَجُلًا ﴿۳۷﴾ ؕ لٰکِنَّا۠ هُوَ اللّٰهُ رَبِّیۡ وَ لَاۤ اُشۡرِکُ بِرَبِّیۡۤ اَحَدًا ﴿۳۸﴾

بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ته جنهن چڱو ڪم ڪيو آهي تنهن جو اَجر اسين نه وڃائيندا سون (٣٠). اِهي (اُهي) آهن جن لاءِ (بهشت) عدن جا باغ آهن جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن منجهن سونن ڪنگڻن جا زيور اُنهن کي پارايا ويندا ۽ سُندسُ ۽ استبرق پٽ جي سائي پوشاڪ ڍڪيندا اُتي تختن تي تڪيو لائي ويهندا. اِهو بدلو ڀلو آهي، ۽ آرام جي جاءِ به ڀلي آهي (٣١). ۽ (اي پيغمبر!) کين ٻن ماڻهن جو قصو بيان ڪر، اُنهن مان هڪڙي لاءِ انگورن جا ٻه باغ پيدا ڪيا هئاسون ۽ اُنهن جي چوڌاري کجيون پيدا ڪيون هيون سون ۽ اُنهن جي وچ ۾ پوک پيدا ڪئي هئي سون (٣٢). ٻنهين باغن پنهنجا ميوا پچايا ۽ منجهانئن ڪجهه گهٽ نه ڪيائون ۽ اُنهن جي وچ ۾ واهه وهايوسون (٣٣). ۽ اُن کي (گهڻو) ڦر مليو، پوءِ پنهنجي سنگتيءَ سان ڳالهائيندي کيس چيائين ته آءٌ توکان مال ۾ وڌيڪ آهيان ۽ افرادن جي اعتبار کان (به) وڌيڪ طاقتور آهيان (٣٤). ۽ پنهنجي باغ ۾ گهڙيو ۽ اُهو پاڻ لاءِ ظالم هو، چيائين ته مون کي هن (باغ) جي ناس ٿيڻ جو بلڪل ڪو گمان نه آهي (٣٥). ۽ نڪي قيامت جي قائم ٿيڻ جو مون کي ڪو گمان آهي ۽ جيڪڏهن پنهنجي پالڻهار ڏانهن (ڪٽي) موٽيس (به) ته هن کان (به) ڀلي جاءِ ضرور لهندس (٣٦). سندس سنگتيءَ ساڻس گفتگو ڪندي کيس چيو ته جنهن توکي مٽي مان بڻايو وري نطفي مان وري سنئين لڱين مڙس ڪيائين تنهن جو ڇو تو انڪار ڪيو؟ (٣٧). (آءٌ هيءُ ويساهه رکندو آهيان ته) منهنجو پالڻهار الله آهي ۽ آءٌ پنهنجي پالڻهار سان ڪوبه شريڪ نه ڪندس (٣٨).

وَلَوۡلَاۤ اِذۡ دَخَلۡتَ جَنَّتَكَ قُلۡتَ مَا شَآءَ اللّٰهُ ۙ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ ۚ
اِنۡ تَرَنِ اَنَا اَقَلَّ مِنۡكَ مَالًا وَّوَلَدًا ﴿۳۹﴾ ۚ فَعَسٰى رَبِّىۡۤ اَنۡ
يُّؤۡتِيَنِ خَيۡرًا مِّنۡ جَنَّتِكَ وَيُرۡسِلَ عَلَيۡهَا حُسۡبَانًا مِّنَ السَّمَآءِ
فَتُصۡبِحَ صَعِيۡدًا زَلَقًا ۙ ﴿۴۰﴾ اَوۡ يُصۡبِحَ مَآؤُهَا غَوۡرًا فَلَنۡ تَسۡتَطِيۡعَ
لَهٗ طَلَبًا ﴿۴۱﴾ وَاُحِيۡطَ بِثَمَرِهٖ فَاَصۡبَحَ يُقَلِّبُ كَفَّيۡهِ عَلٰى مَاۤ
اَنۡفَقَ فِيۡهَا وَهِىَ خَاوِيَةٌ عَلٰى عُرُوۡشِهَا وَيَقُوۡلُ يٰلَيۡتَنِىۡ
لَمۡ اُشۡرِكۡ بِرَبِّىۡۤ اَحَدًا ﴿۴۲﴾ وَلَمۡ تَكُنۡ لَّهٗ فِئَةٌ يَّنۡصُرُوۡنَهٗ
مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ وَمَا كَانَ مُنۡتَصِرًا ﴿۴۳﴾ ؕ هُنَالِكَ الۡوَلَايَةُ
لِلّٰهِ الۡحَقِّ ؕ هُوَ خَيۡرٌ ثَوَابًا وَّخَيۡرٌ عُقۡبًا ﴿۴۴﴾ ۚ وَاضۡرِبۡ لَهُمۡ
مَّثَلَ الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا كَمَآءٍ اَنۡزَلۡنٰهُ مِنَ السَّمَآءِ
فَاخۡتَلَطَ بِهٖ نَبَاتُ الۡاَرۡضِ فَاَصۡبَحَ هَشِيۡمًا تَذۡرُوۡهُ
الرِّيٰحُ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ مُّقۡتَدِرًا ﴿۴۵﴾ اَلۡمَالُ وَ
الۡبَنُوۡنَ زِيۡنَةُ الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا ۚ وَالۡبٰقِيٰتُ الصّٰلِحٰتُ خَيۡرٌ
عِنۡدَ رَبِّكَ ثَوَابًا وَّخَيۡرٌ اَمَلًا ﴿۴۶﴾ وَيَوۡمَ نُسَيِّرُ الۡجِبَالَ وَ
تَرَى الۡاَرۡضَ بَارِزَةً ۙ وَّحَشَرۡنٰهُمۡ فَلَمۡ نُغَادِرۡ مِنۡهُمۡ اَحَدًا ﴿۴۷﴾ ۚ

۽ جڏهن تون پنهنجي باغ ۾ گهڙيين تڏهن ڇو نہ چيئي تہ ماشاءَ الله (جيڪي الله گهريو سو ٿيڻو آهي) الله (جي مدد) کان سواءِ ڪا طاقت نہ آهي، جيڪڏهن تون پاڻ کان مون کي مال ۽ اولاد ۾ گهٽ ڏسين ٿو (٣٩). تہ اُميد آهي جو منهنجو پالڻهار تنهنجي باغ کان ڀلو مون کي ڏئي ۽ اُن (تنهنجي باغ) تي آسمان کان ڪا آفت موڪلي پوءِ ڦري صاف ميدان ٿي پوي (٤٠). يا سندس پاڻي سڪي وڃي پوءِ اُن کي ڪڏهن لهي نہ سگهين (٤١). ۽ سندس ميوي کي ڇَٽُ ڪيو ويو پوءِ اُن (جي بڻائڻ) ۾ جيڪي خرچ ڪيو هئائين تنهن تي پنهنجا هٿ مليندو رهيو ۽ اُهو (باغ) پنهنجن (ٻڌايل) ڇپرن سميت ڪريل هو ۽ چوندو رهيو تہ افسوس آهي پنهنجي پالڻهار سان ڪنهن کي شريڪ مقرر نہ ڪريان ها! (تہ چڱو هو) (٤٢). ۽ نڪي اُن لاءِ ڪا جماعت هئي جو الله کان سواءِ ڪيس مدد ڏئي ۽ نڪي (پاڻ) بدلي وٺڻ وارو هو (٤٣). ان هنڌ سچي الله جي بادشاهي آهي- اُهو ثواب (ڏيڻ) ۾ ڀلو ۽ بدلي ڏيڻ ۾ (بہ) ڀلو آهي (٤٤). ۽ (اي پيغمبر!) اُنهن کي دنيا جي حياتي جو مثال بيان ڪر جا اُنهيءَ پاڻي وانگر آهي جنهن کي آسمان کان وسايو سون پوءِ اُن سان زمين جا سلا گهاٽا ڄميا پوءِ ڦري ڀُريل ڪک ٿيا اُنهن کي وائن اُڏايو- ۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي (٤٥). مال ۽ اولاد دنيا جي حياتي جو سينگار آهي، ۽ سدائين رهندڙ چڱايون تنهنجي پالڻهار وٽ ثواب ڪري ڀليون ۽ اُميد ڪري چڱيون آهن (٤٦). ۽ (ياد ڪر) جنهن ڏينهن جبلن کي هلائيندا سون ۽ زمين کي صفا پٽي ڏسندين ۽ ماڻهن کي گڏ ڪندا سون پوءِ منجهائن ڪنهن هڪ کي نہ ڇڏيندا سون (٤٧).

وَعُرِضُوْا عَلٰى رَبِّكَ صَفًّا ؕ لَقَدْ جِئْتُمُوْنَا كَمَا خَلَقْنٰكُمْ
اَوَّلَ مَرَّةٍۢ ؗ بَلْ زَعَمْتُمْ اَلَّنْ نَّجْعَلَ لَكُمْ مَّوْعِدًا ﴿٤٨﴾ وَوُضِعَ
الْكِتٰبُ فَتَرَى الْمُجْرِمِيْنَ مُشْفِقِيْنَ مِمَّا فِيْهِ وَ
يَقُوْلُوْنَ يٰوَيْلَتَنَا مَالِ هٰذَا الْكِتٰبِ لَا يُغَادِرُ صَغِيْرَةً
وَّلَا كَبِيْرَةً اِلَّاۤ اَحْصٰىهَا ۚ وَوَجَدُوْا مَا عَمِلُوْا حَاضِرًا ؕ وَ
لَا يَظْلِمُ رَبُّكَ اَحَدًا ﴿٤٩﴾ وَاِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا
لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْۤا اِلَّاۤ اِبْلِيْسَ ؕ كَانَ مِنَ الْجِنِّ فَفَسَقَ عَنْ
اَمْرِ رَبِّهٖ ؕ اَفَتَتَّخِذُوْنَهٗ وَذُرِّيَّتَهٗۤ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِيْ وَهُمْ
لَكُمْ عَدُوٌّ ؕ بِئْسَ لِلظّٰلِمِيْنَ بَدَلًا ﴿٥٠﴾ مَاۤ اَشْهَدْتُّهُمْ خَلْقَ
السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلَا خَلْقَ اَنْفُسِهِمْ ۪ وَمَا كُنْتُ مُتَّخِذَ
الْمُضِلِّيْنَ عَضُدًا ﴿٥١﴾ وَيَوْمَ يَقُوْلُ نَادُوْا شُرَكَآءِيَ الَّذِيْنَ
زَعَمْتُمْ فَدَعَوْهُمْ فَلَمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَهُمْ وَجَعَلْنَا بَيْنَهُمْ
مَّوْبِقًا ﴿٥٢﴾ وَرَاَ الْمُجْرِمُوْنَ النَّارَ فَظَنُّوْۤا اَنَّهُمْ مُّوَاقِعُوْهَا وَ
لَمْ يَجِدُوْا عَنْهَا مَصْرِفًا ﴿٥٣﴾ وَلَقَدْ صَرَّفْنَا فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ
لِلنَّاسِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ ؕ وَكَانَ الْاِنْسَانُ اَكْثَرَ شَيْءٍ جَدَلًا ﴿٥٤﴾

۽ (اُهي) تنهنجي پالڻهار وٽ صفون ڪري پيش ڪيا ويندا- (چوندا سون تہ) جهڙي طرح اوهان کي پهريون ڀيرو پيدا ڪيو هوسون (تهڙي طرح) اسان وٽ آيا آهيو بلڪ ڀانئيندا هيؤ تہ اوهان جي لاءِ انجام (جو هنڌ) نہ ڪندا سون (۴۸). ۽ اعمال نامو رکيو ويندو پوءِ جيڪي منجهس هوندو تنهن کان ڏوهارين کي ڊچندڙ ڏسندين ۽ چوندا تہ اسان لاءِ ارمان آهي هن اعمال نامي کي ڇا ٿيو آهي جو نڪي ننڍي (گناهہ) کي ۽ نڪي وڏي کي ڳاڻاٽي کان سواءِ ڇڏيو اٿس، ۽ جيڪي ڪيائون سو حاضر لهندا- ۽ تنهنجو پالڻهار هڪڙي تي بہ ظلم نہ ڪندو (۴۹). ۽ جڏهن ملائڪن کي چيوسون تہ آدم کي سجدو ڪريو تڏهن ابليس کان سواءِ ٻين سجدو ڪيو- اُهو جنن مان هو پوءِ پنهنجي پالڻهار جي حڪم جي نافرماني ڪيائين- پوءِ اوهين ڪيس ۽ سندس اولاد کي مون کان سواءِ ڇو دوست وٺندا آهيو؟ حالانڪ اُهي اوهان جا ويري آهن- (شيطان) ظالمن لاءِ بڇڙو بدلو آهي (۵۰). نڪي آسمانن ۽ زمين جي بڻائڻ مهل اُنهن (شيطانن ۽ سندس اولاد) کي حاضر ڪيو هوم ۽ نڪي ڪين پيدا ڪرڻ مهل ۽ نڪي آءٌ گمراهن کي ٻانهن ٻيلي وٺندڙ آهيان (۵۱). ۽ جنهن ڏينهن الله چوندو تہ (اي مشرڪؤ!) اوهين اُنهن کي سڏيو جن کي منهنجا شريڪ ڄاڻندا هيؤ پوءِ اُنهن کي سڏيندا پوءِ اُهي کين ورندي نہ ڏيندا ۽ سندن وچ ۾ هلاڪت جو هنڌ ڪنداسون (۵۲). ۽ ڏوهاري باهہ کي ڏسندا پوءِ (پڪ) ڀانئيندا تہ اُهي اُن ۾ (اجهو) ڪرندا ۽ کانئس ڪا موٽڻ جي واهہ نہ لهندا (۵۳). ۽ بيشڪ هن قرآن ۾ هر طرح جا مثال ماڻهن لاءِ بيان ڪياسون ۽ انسان هر شيءِ کان وڌيڪ جهڳڙالو آهي (۵۴).

وَمَا مَنَعَ النَّاسَ اَنْ يُّؤْمِنُوْٓا اِذْ جَآءَهُمُ الْهُدٰى وَيَسْتَغْفِرُوْا
رَبَّهُمْ اِلَّآ اَنْ تَاْتِيَهُمْ سُنَّةُ الْاَوَّلِيْنَ اَوْ يَاْتِيَهُمُ
الْعَذَابُ قُبُلًا ﴿٥٥﴾ وَمَا نُرْسِلُ الْمُرْسَلِيْنَ اِلَّا مُبَشِّرِيْنَ
وَمُنْذِرِيْنَ ۚ وَيُجَادِلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِالْبَاطِلِ لِيُدْحِضُوْا
بِهِ الْحَقَّ وَاتَّخَذُوْٓا اٰيٰتِيْ وَمَآ اُنْذِرُوْا هُزُوًا ﴿٥٦﴾ وَمَنْ
اَظْلَمُ مِمَّنْ ذُكِّرَ بِاٰيٰتِ رَبِّهٖ فَاَعْرَضَ عَنْهَا وَنَسِيَ مَا قَدَّمَتْ
يَدٰهُ ؕ اِنَّا جَعَلْنَا عَلٰى قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ يَّفْقَهُوْهُ وَفِيْٓ
اٰذَانِهِمْ وَقْرًا ؕ وَاِنْ تَدْعُهُمْ اِلَى الْهُدٰى فَلَنْ يَّهْتَدُوْٓا
اِذًا اَبَدًا ﴿٥٧﴾ وَرَبُّكَ الْغَفُوْرُ ذُو الرَّحْمَةِ ؕ لَوْ يُؤَاخِذُهُمْ بِمَا
كَسَبُوْا لَعَجَّلَ لَهُمُ الْعَذَابَ ؕ بَلْ لَّهُمْ مَّوْعِدٌ لَّنْ يَّجِدُوْا
مِنْ دُوْنِهٖ مَوْئِلًا ﴿٥٨﴾ وَتِلْكَ الْقُرٰٓى اَهْلَكْنٰهُمْ لَمَّا ظَلَمُوْا وَجَعَلْنَا
لِمَهْلِكِهِمْ مَّوْعِدًا ﴿٥٩﴾ ع وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِفَتٰىهُ لَآ اَبْرَحُ حَتّٰٓى
اَبْلُغَ مَجْمَعَ الْبَحْرَيْنِ اَوْ اَمْضِيَ حُقُبًا ﴿٦٠﴾ فَلَمَّا بَلَغَا مَجْمَعَ
بَيْنِهِمَا نَسِيَا حُوْتَهُمَا فَاتَّخَذَ سَبِيْلَهٗ فِي الْبَحْرِ سَرَبًا ﴿٦١﴾ فَلَمَّا
جَاوَزَا قَالَ لِفَتٰىهُ اٰتِنَا غَدَآءَنَا ۡ لَقَدْ لَقِيْنَا مِنْ سَفَرِنَا هٰذَا نَصَبًا ﴿٦٢﴾

۽ ماڻهن وٽ جڏهن هدايت آئي تڏهن کين ايمان آڻڻ ۽ پنهنجي پالڻهار کان بخشش گهرڻ کان هن ڳالهه کانسواءِ ٻيو ڪنهن به ڳالهه نه جهليو جو اڳين جي رسم (جهڙي پاڙيٽ سزا) وٽن اچي يا وٽن سامهون عذاب پهچي (٥٥). ۽ پيغمبرن کي رڳو خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليون ٿا، ۽ ڪافر ڪوڙو جهڳڙو هن لاءِ ڪندا آهن ته ان سان سچ کي ٿيڙين، ۽ منهنجين نشانين کي ۽ جنهن سان ڊيڄاريا ويا تنهن کي يوگ ڪري ورتائون (٥٦). ۽ اُن کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جنهن کي سندس پالڻهار جي نشانين سان نصيحت ڏني وڃي ته اُن کان منهن موڙي ۽ جيڪي سندس هٿن اڳي ڪري موڪليو سو وساري؟ اسان ان جي سمجهڻ کان سندن دلين تي پردا ڪيا ۽ سندن ڪنن ۾ گهٻرائي (وڌي سون)- ۽ جيڪڏهن تون کين هدايت ڏانهن سڏين ته اُن وقت سڌو رستو ڪڏهن به نه لهندا (٥٧). ۽ تنهنجو رب بخشڻهار ٻاجهارو آهي- جيڪڏهن کين سندن ڪئي سببان پڪڙي ها ته اُنهن لاءِ عذاب تڪڙو موڪلي ها- (نه!) بلڪ اُنهن لاءِ انجام ٿيل آهي جو اُن کان سواءِ ڪا واهه نه لهندا (٥٨). ۽ اِهي ڳوٺ آهن جو اُنهن کي (تڏهن) ناس ڪيوسون جڏهن ظلم ڪيائون ۽ اُنهن جي ناس ڪرڻ لاءِ (هڪ) انجام مقرر ڪيوسون (٥٩). ۽ (ياد ڪر) جڏهن موسىٰ پنهنجي سنگتيءَ کي چيو ته سدائين پيو پنڌ ڪندس جيستائين ٻن دريائن جي گڏ ٿيڻ جي هنڌ پهچندس يا گهڻو وقت پيو هلندس (٦٠). پوءِ جنهن مهل ٻن دريائن جي گڏ ٿيڻ جي هنڌ کي پهتا (تنهن مهل) پنهنجي مڇي وساريائون جنهن پنهنجي واٽ درياءَ ۾ سرنگهه جيان ورتي (٦١). پوءِ جڏهن اڳي هليا (تڏهن موسىٰ) پنهنجي سنگتي کي چيو ته اسان کي پنهنجو منجهند وارو کاڌو ڏي. بيشڪ اسان جي هن مسافريءَ ۾ اسان کي ٿڪ پهتو آهي (٦٢).

قَالَ اَرَءَيْتَ اِذْ اَوَيْنَاۤ اِلَى الصَّخْرَةِ فَاِنِّىْ نَسِيْتُ الْحُوْتَ ۡ وَ
مَاۤ اَنْسٰنِيْهُ اِلَّا الشَّيْطٰنُ اَنْ اَذْكُرَهٗ ۚ وَاتَّخَذَ سَبِيْلَهٗ فِى
الْبَحْرِ ۖ عَجَبًا ﴿۶۳﴾ قَالَ ذٰلِكَ مَا كُنَّا نَبْغِ ۖ فَارْتَدَّا عَلٰۤى اٰثَارِهِمَا
قَصَصًا ﴿۶۴﴾ فَوَجَدَا عَبْدًا مِّنْ عِبَادِنَاۤ اٰتَيْنٰهُ رَحْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا
وَعَلَّمْنٰهُ مِنْ لَّدُنَّا عِلْمًا ﴿۶۵﴾ قَالَ لَهٗ مُوْسٰى هَلْ اَتَّبِعُكَ عَلٰۤى
اَنْ تُعَلِّمَنِ مِمَّا عُلِّمْتَ رُشْدًا ﴿۶۶﴾ قَالَ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ
مَعِىَ صَبْرًا ﴿۶۷﴾ وَكَيْفَ تَصْبِرُ عَلٰى مَا لَمْ تُحِطْ بِهٖ خُبْرًا ﴿۶۸﴾
قَالَ سَتَجِدُنِىْۤ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ صَابِرًا وَّلَاۤ اَعْصِىْ لَكَ اَمْرًا ﴿۶۹﴾
قَالَ فَاِنِ اتَّبَعْتَنِىْ فَلَا تَسْـَٔلْنِىْ عَنْ شَىْءٍ حَتّٰۤى اُحْدِثَ
لَكَ مِنْهُ ذِكْرًا ﴿۷۰﴾ فَانْطَلَقَا ٙ حَتّٰۤى اِذَا رَكِبَا فِى السَّفِيْنَةِ خَرَقَهَا ؕ
قَالَ اَخَرَقْتَهَا لِتُغْرِقَ اَهْلَهَا ۚ لَقَدْ جِئْتَ شَيْـًٔا اِمْرًا ﴿۷۱﴾
قَالَ اَلَمْ اَقُلْ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ مَعِىَ صَبْرًا ﴿۷۲﴾ قَالَ لَا
تُؤَاخِذْنِىْ بِمَا نَسِيْتُ وَلَا تُرْهِقْنِىْ مِنْ اَمْرِىْ عُسْرًا ﴿۷۳﴾
فَانْطَلَقَا ٙ حَتّٰۤى اِذَا لَقِيَا غُلٰمًا فَقَتَلَهٗ ۙ قَالَ اَقَتَلْتَ
نَفْسًا زَكِيَّةًۢ بِغَيْرِ نَفْسٍ ؕ لَقَدْ جِئْتَ شَيْـًٔا نُّكْرًا ﴿۷۴﴾

چيائين تہ (نہ) ڏنـيءَ چا جڏهن پهڻ وٽ ترسيا هئاسون تڏهن مون (اُتي) مڇـي وساري ڇڏي ۽ اُن جي يادگيري مون کان شيطان کان سواءِ ٻئي ڪنهن نہ وسارائي، ۽ پنهنجي واٽ درياءَ ۾ عجب طرح سان ورتائين (٦٣). (موسىٰ) چيو تہ اهو هنڌ اُهو آهي جنهن کي اسين ڳوليون ٿا پوءِ هو پنهنجي پوئين پيرين ڳوليندا موٽيا (٦٤). پوءِ منهنجن ٻانهن مان اُهو ٻانهو لڌائون جنهن کي پاڻ وٽان رحمت ڏني هئي سون ۽ پاڻ وٽان ڪيس علم سيکاريو هوسون (٦٥). موسىٰ اُن کي چيو تہ جي آءٌ تنهنجي سنگت ڪريان تہ جيڪا توکي سڌي واٽ سيکاري ويئي آهي تنهن مان مون کي بہ سيکارين (٦٦). (خضر) چيو تہ تون مون سان ڪڏهن صبر ڪري نہ سگهندين (٦٧). ۽ جنهن جي توکي خبر ئي نہ آهي تنهن تي تون ڪيئن صبر ڪندين (٦٨). (موسىٰ) چيو تہ جي الله گهريو تہ مون کي صبر ڪندڙ لهندين ۽ آءٌ تنهنجي ڪنهن حڪم جي نافرماني نہ ڪندس (٦٩). (خضر) چيو تہ جيڪڏهن منهنجي سنگت ڪرين تہ (ايستائين) مون کان ڪنهن ڳالهہ بابت نہ پڇج جيستائين (آءٌ) پاڻ توسان اُن جو بيان (نہ) ڪريان (٧٠). پوءِ ٻئي (اُتي) هليا تان جو جڏهن ٻيڙيءَ ۾ چڙهيا تڏهن (خضر) اُن کي سوراخ ڪيو۔ (موسىٰ) چيو تہ تو اُن کي اِنهيءَ لاءِ سوراخ ڪيو ڇا تہ ٻيڙيءَ وارن کي ٻوڙين؟ بيشڪ تو ادنگو ڪم ڪيو (٧١). (خضر) چيو تہ توکي نہ چيو هوم ڇا تہ تون مون سان صبر ڪري نہ سگهندين (٧٢). (موسىٰ) چيو تہ جيڪي مون وساريو تنهن سببان مون کي نہ پڪڙ ۽ منهنجي ڪم ۾ مون تي سختي نہ وجهہ (٧٣). پوءِ ٻئي هليا، تان جو جڏهن هڪ ڇوڪر کي مليا تڏهن (خضر) اُن کي ڪُٺو (موسىٰ) چيو تہ قصاص ڌاران بيگناهہ جان کي ڇو ڪُٺئي؟ بيشڪ تو خراب ڪم ڪيو (٧٤).

قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكَ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ مَعِيَ صَبْرًا ﴿٧٥﴾
قَالَ اِنْ سَاَلْتُكَ عَنْ شَيْءٍۢ بَعْدَهَا فَلَا تُصٰحِبْنِيْ ۚ قَدْ بَلَغْتَ
مِنْ لَّدُنِّيْ عُذْرًا ﴿٧٦﴾ فَانْطَلَقَا ٚ حَتّٰۤى اِذَاۤ اَتَيَاۤ اَهْلَ قَرْيَةِ ِۨاسْتَطْعَمَاۤ
اَهْلَهَا فَاَبَوْا اَنْ يُّضَيِّفُوْهُمَا فَوَجَدَا فِيْهَا جِدَارًا يُّرِيْدُ اَنْ
يَّنْقَضَّ فَاَقَامَهٗ ؕ قَالَ لَوْ شِئْتَ لَتَّخَذْتَ عَلَيْهِ اَجْرًا ﴿٧٧﴾ قَالَ
هٰذَا فِرَاقُ بَيْنِيْ وَبَيْنِكَ ۚ سَاُنَبِّئُكَ بِتَاْوِيْلِ مَا لَمْ تَسْتَطِعْ عَّلَيْهِ
صَبْرًا ﴿٧٨﴾ اَمَّا السَّفِيْنَةُ فَكَانَتْ لِمَسٰكِيْنَ يَعْمَلُوْنَ فِي الْبَحْرِ
فَاَرَدْتُّ اَنْ اَعِيْبَهَا وَكَانَ وَرَآءَهُمْ مَّلِكٌ يَّاْخُذُ كُلَّ سَفِيْنَةٍ
غَصْبًا ﴿٧٩﴾ وَاَمَّا الْغُلٰمُ فَكَانَ اَبَوٰهُ مُؤْمِنَيْنِ فَخَشِيْنَاۤ اَنْ يُّرْهِقَهُمَا
طُغْيَانًا وَّكُفْرًا ۚ ﴿٨٠﴾ فَاَرَدْنَاۤ اَنْ يُّبْدِلَهُمَا رَبُّهُمَا خَيْرًا مِّنْهُ زَكٰوةً
وَّاَقْرَبَ رُحْمًا ﴿٨١﴾ وَاَمَّا الْجِدَارُ فَكَانَ لِغُلٰمَيْنِ يَتِيْمَيْنِ فِي
الْمَدِيْنَةِ وَكَانَ تَحْتَهٗ كَنْزٌ لَّهُمَا وَكَانَ اَبُوْهُمَا صَالِحًا ۚ فَاَرَادَ
رَبُّكَ اَنْ يَّبْلُغَاۤ اَشُدَّهُمَا وَيَسْتَخْرِجَا كَنْزَهُمَا ۖۗ رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ ۚ
وَمَا فَعَلْتُهٗ عَنْ اَمْرِيْ ؕ ذٰلِكَ تَاْوِيْلُ مَا لَمْ تَسْطِعْ عَّلَيْهِ صَبْرًا ﴿٨٢﴾ ؕ ع
وَيَسْـَٔلُوْنَكَ عَنْ ذِي الْقَرْنَيْنِ ؕ قُلْ سَاَتْلُوْا عَلَيْكُمْ مِّنْهُ ذِكْرًا ﴿٨٣﴾ ؕ

(خضر) چيو تہ توکي نہ چيو هوم چا تہ تون مون سان (گڏ رهي) ڪڏهن نہ صبر ڪري سگهندين؟ (٧٥). (موسيٰ) چيو تہ جيڪڏهن هن کان پوءِ ڪنهن ڳالھ بابت توکان پڇان تہ منهنجي سنگت نہ ڪج، بيشڪ منهنجي پاران عذر (جي حد) کي پهتين (٧٦). پوءِ (ٻئي) هليا، تان جو جنهن مهل هڪڙي ڳوٺ وارن وٽ آيا (تنهن مهل) اُن جي رهاڪن کان کاڌو گهريائون تہ (اُنهن) سندن مهماني ڪرڻ کان انڪار ڪيو. پوءِ اُن (ڳوٺ) ۾ هڪ ڊهڻ کي ويجهي ڀت ڏٺائون پوءِ اُها (خضر ڊاهي ٻيهر) اَوساري (موسيٰ) چيو تہ جيڪڏهن گهرين ها تہ اُن (جي اوسارڻ) تي مزوري ضرور وٺين ها! (٧٧). (خضر) چيو تہ هاڻي منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ جدائي پيئي، هاڻي توکي اُنهن (ڳالهين) جي حقيقت جي سڌ ڏيان تو جن تي تو صبر ڪري نہ سگهيو (٧٨). پر ٻيڙي (جا ڀڳي ويئي سا) مسڪينن جي هئي (جنهن تي) هو درياءَ ۾ پورهيو ڪندا (وتندا) هئا پوءِ اُن کي عيب دار ڪرڻ گهريم جو سندن پوئتان اهڙو بادشاه هو جنهن سڀ ڪا ٻيڙي ٻيگر ۾ ٿي ورتي (٧٩). ۽ نينگر (جو، ماريو ويو) تنهن جا ماءُ پيءُ مؤمن هئا تنهن ڪري ڊنا سون تہ نافرمانيءَ ۽ ڪفر ڪرڻ سان ٻنهين کي عاجز ڪندو (٨٠). پوءِ گهريو سون تہ سندن پالڻهار کين ان جي بدلي اُن کان بہ پاڪبازيءَ جي ڪري وڌيڪ ڀلو ۽ ٻاجھ جي ڪري وڌيڪ ويجهو (اولاد) ڏئي (٨١). ۽ جا ڀت (ناهي ويئي) سان شهر ۾ ٻن يتيمن ٻارن جي هئي ۽ اُن جي هيٺان سندن خزانو هو ۽ سندن ماءُ پيءُ نيڪ هئا پوءِ تنهنجي پالڻهار گهريو تہ ٻئي پنهنجي جواني کي پهچن ۽ پنهنجو خزانو تنهنجي پالڻهار جي ٻاجھ سان ڪڍن ۽ اِهو پنهنجي راءِ سان نہ ڪيم- اِها اُن جي حقيقت آهي جنهن تي تو صبر ڪري نہ سگهيو (٨٢). ۽ (اي پيغمبر!) توکان ذوالقرنين بابت پڇن ٿا- چؤ تہ اوهان کي اُن جو (ڪجھ) بيان ڪري ٻڌايان ٿو (٨٣).

إِنَّا مَكَّنَّا لَهُ فِي الْأَرْضِ وَآتَيْنَاهُ مِنْ كُلِّ شَيْءٍ سَبَبًا ﴿۸۴﴾ فَأَتْبَعَ
سَبَبًا ﴿۸۵﴾ حَتَّىٰ إِذَا بَلَغَ مَغْرِبَ الشَّمْسِ وَجَدَهَا تَغْرُبُ فِي عَيْنٍ
حَمِئَةٍ وَوَجَدَ عِنْدَهَا قَوْمًا ۗ قُلْنَا يَا ذَا الْقَرْنَيْنِ إِمَّا أَنْ
تُعَذِّبَ وَإِمَّا أَنْ تَتَّخِذَ فِيهِمْ حُسْنًا ﴿۸۶﴾ قَالَ أَمَّا مَنْ ظَلَمَ
فَسَوْفَ نُعَذِّبُهُ ثُمَّ يُرَدُّ إِلَىٰ رَبِّهِ فَيُعَذِّبُهُ عَذَابًا نُكْرًا ﴿۸۷﴾ وَأَمَّا مَنْ
آمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا فَلَهُ جَزَاءً الْحُسْنَىٰ ۖ وَسَنَقُولُ لَهُ مِنْ أَمْرِنَا
يُسْرًا ﴿۸۸﴾ ثُمَّ أَتْبَعَ سَبَبًا ﴿۸۹﴾ حَتَّىٰ إِذَا بَلَغَ مَطْلِعَ الشَّمْسِ وَجَدَهَا تَطْلُعُ
عَلَىٰ قَوْمٍ لَمْ نَجْعَلْ لَهُمْ مِنْ دُونِهَا سِتْرًا ﴿۹۰﴾ كَذَٰلِكَ ۖ وَقَدْ أَحَطْنَا
بِمَا لَدَيْهِ خُبْرًا ﴿۹۱﴾ ثُمَّ أَتْبَعَ سَبَبًا ﴿۹۲﴾ حَتَّىٰ إِذَا بَلَغَ بَيْنَ السَّدَّيْنِ
وَجَدَ مِنْ دُونِهِمَا قَوْمًا لَا يَكَادُونَ يَفْقَهُونَ قَوْلًا ﴿۹۳﴾ قَالُوا يَا ذَا
الْقَرْنَيْنِ إِنَّ يَأْجُوجَ وَمَأْجُوجَ مُفْسِدُونَ فِي الْأَرْضِ فَهَلْ
نَجْعَلُ لَكَ خَرْجًا عَلَىٰ أَنْ تَجْعَلَ بَيْنَنَا وَبَيْنَهُمْ سَدًّا ﴿۹۴﴾ قَالَ مَا
مَكَّنِّي فِيهِ رَبِّي خَيْرٌ فَأَعِينُونِي بِقُوَّةٍ أَجْعَلْ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُمْ
رَدْمًا ﴿۹۵﴾ آتُونِي زُبَرَ الْحَدِيدِ ۖ حَتَّىٰ إِذَا سَاوَىٰ بَيْنَ الصَّدَفَيْنِ قَالَ
انْفُخُوا ۖ حَتَّىٰ إِذَا جَعَلَهُ نَارًا قَالَ آتُونِي أُفْرِغْ عَلَيْهِ قِطْرًا ﴿۹۶﴾

بيشڪ اسان اُن کي زمين ۾ مضبوط حڪومت ڏني ۽ سڀ ڪنهن شيءِ جو سامان ڪيس ڏنوسون (٨۴). پوءِ سامان (جي مدد) سان هليو (٨٥). ايترو (سير ڪيائين) جو سج لهڻ جي هنڌ پهتو اُن کي گپڙاٽي گرم تلاءَ ۾ لهندو ڏٺائين ۽ اُن (تلاءَ) وٽ هڪ قوم کي ڏٺائين- چيوسون ته اي ذوالقرنين! اُنهن کي يا سزا ڏين يا منجهن ڪو چڱائي جو سدارو ڪرين (ته توکي اختيار آهي) (٨٦). (ذوالقرنين) چيو ته جيڪو (ماڻهو) ظلم ڪندو تنهن کي سزا ڏينداسون وري پنهنجي پالڻهار ڏانهن ورايو ويندو پوءِ اُهو ڪيس سخت عذاب جي سزا ڏيندو (٨٧). ۽ جيڪو ايمان آڻيندو ۽ چڱا ڪم ڪندو تنهن کي چڱو بدلو ملندو، ۽ پنهنجي معاملي ۾ اُن کي سولائي (جهڙو ڪم) چوندا سون (٨٨). وري سامان (جي مدد) سان هليو (٨٩). ايترو (سفر ڪيائين) جو سج اُبرڻ جي هنڌ پهتو ته اُهو هڪ اهڙي قوم تي اُبرندو ڏٺائين جن لاءِ سج کان اوريان ڪا اوٽ نه بڻائي هئي سون (٩٠). اهڙي طرح (سندس قصو آهي)- ۽ بيشڪ اسان وٽ اُن جي ساري خبر آهي (٩١). وري سامان (جي مدد) سان هليو (٩٢). ايترو جو جڏهن ٻن جبلن جي وچ ۾ پهتو ته اُنهن جي هِن پاسي اهڙي قوم ڏٺائين جا ڪا به ڳالهه سمجهي نه ٿي سگهي (٩٣). چيائون ته اي ذوالقرنين! بيشڪ ياجوج ۽ ماجوج ملڪ ۾ فساد وجهندڙ آهن تنهن ڪري تو لاءِ اسين هن شرط تي ڏن مقرر ڪريون ته تون اسان جي ۽ سندن وچ ۾ آڙ بڻائين (٩۴). (ذوالقرنين) چيو ته منهنجي پالڻهار جيڪا مون کي ان بابت سگهه ڏني آهي سا ڀلي آهي. پوءِ اوهين مون سان زور بار جي مدد ڪريو ته اوهان جي ۽ سندن وچ ۾ وڏي آڙ بڻايان (٩٥). لوهه جا ٽڪر مون وٽ آڻيو- جڏهن ٻنهي جبلن جي وچ ۾ (ڀري) پورائي ڪيائين (تڏهن) چيائين ته (هاڻ ڌوڻ) ڌنئون- تان جو جڏهن اُن کي (تپائي) باهه ڪيائين (تڏهن) چيائين ته مون وٽ آڻيو ته مٿس پگھاريل ٽامون پلٽيان (٩٦).

فَمَا اسْطَاعُوْٓا اَنْ يَّظْهَرُوْهُ وَمَا اسْتَطَاعُوْا لَهٗ نَقْبًا ﴿٩٧﴾ قَالَ
هٰذَا رَحْمَةٌ مِّنْ رَّبِّيْ ۚ فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ رَبِّيْ جَعَلَهٗ دَكَّآءَ ۚ وَكَانَ
وَعْدُ رَبِّيْ حَقًّا ﴿٩٨﴾ ۭ وَتَرَكْنَا بَعْضَهُمْ يَوْمَىِٕذٍ يَّمُوْجُ فِيْ بَعْضٍ وَّنُفِخَ
فِي الصُّوْرِ فَجَمَعْنٰهُمْ جَمْعًا ﴿٩٩﴾ ۙ وَّعَرَضْنَا جَهَنَّمَ يَوْمَىِٕذٍ لِّلْكٰفِرِيْنَ
عَرْضَا ﴿١٠٠﴾ ۙ الَّذِيْنَ كَانَتْ اَعْيُنُهُمْ فِيْ غِطَاۗءٍ عَنْ ذِكْرِيْ وَكَانُوْا
لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ سَمْعًا ﴿١٠١﴾ ۧ اَفَحَسِبَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَنْ يَّتَّخِذُوْا
عِبَادِيْ مِنْ دُوْنِيْٓ اَوْلِيَاۗءَ ۭ اِنَّآ اَعْتَدْنَا جَهَنَّمَ لِلْكٰفِرِيْنَ نُزُلًا ﴿١٠٢﴾
قُلْ هَلْ نُنَبِّئُكُمْ بِالْاَخْسَرِيْنَ اَعْمَالًا ﴿١٠٣﴾ ۭ اَلَّذِيْنَ ضَلَّ سَعْيُهُمْ
فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَهُمْ يَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ يُحْسِنُوْنَ صُنْعًا ﴿١٠٤﴾ اُولٰۗىِٕكَ
الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ وَلِقَاۗىِٕهٖ فَحَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فَلَا
نُقِيْمُ لَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَزْنًا ﴿١٠٥﴾ ذٰلِكَ جَزَاۗؤُهُمْ جَهَنَّمُ بِمَا كَفَرُوْا
وَاتَّخَذُوْٓا اٰيٰتِيْ وَرُسُلِيْ هُزُوًا ﴿١٠٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا
الصّٰلِحٰتِ كَانَتْ لَهُمْ جَنّٰتُ الْفِرْدَوْسِ نُزُلًا ﴿١٠٧﴾ ۙ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا
لَا يَبْغُوْنَ عَنْهَا حِوَلًا ﴿١٠٨﴾ قُلْ لَّوْ كَانَ الْبَحْرُ مِدَادًا لِّكَلِمٰتِ رَبِّيْ
لَنَفِدَ الْبَحْرُ قَبْلَ اَنْ تَنْفَدَ كَلِمٰتُ رَبِّيْ وَلَوْ جِئْنَا بِمِثْلِهٖ مَدَدًا ﴿١٠٩﴾

پوءِ (ياجوج ماجوج) نڪي اُن تي چڙهي سگهيا ۽ نڪي اُن کي ڪا سرنگهه
هڻي سگهيا (٩٧). چيائين ته هيءَ منهنجي رب جي (هڪڙي) ٻاجهه آهي،
جنهن مهل منهنجي رب جو انجام ايندو (تنهن مهل) اُن کي سنئون ڪري
ڇڏيندو، ۽ منهنجي رب جو انجام سچو آهي (٩٨). ۽ اُن ڏينهن ڇڏينداسون
ته هڪ ٻئي ۾ ڳاهٽ ٿيندا (ايندا) ۽ صور ۾ ڦوڪيو ويندو پوءِ اُنهن مڙني
کي گڏ ڪنداسون (٩٩). ۽ اُن ڏينهن اُنهن ڪافرن کي دوزخ آڏو
ڪنداسون جيئن آڏو ڪجي (١٠٠). جن جيون اکيون منهنجي يادگيري
کان ڍڪ ۾ هيون ۽ (ساڙ کان ڪجهه) ٻُڌي نه سگهندا هئا (١٠١).
ڪافرن (اِجا پاڻ کي سزا جوڳو) نه ڀانيو آهي ڇا جو مون کان سواءِ
منهنجن ٻانهن کي دوست ورتو اٿن؟ اسان ڪافرن جي رهڻ لاءِ دوزخ تيار
ڪيو آهي (١٠٢). (اي پيغمبر!) چؤ ته ڪرتوتن جي ڪري بلڪل ٽوٽي
وارن جي اوهان کي سُڌ ڏيون ڇا؟ (١٠٣). جن پنهنجي محنت دنيا جي
حياتي ۾ اجائي وڃائي ۽ اُهي (پنهنجي لاءِ) ڀانئيندا آهن ته اُهي (پاڻ)
چڱو ڪم ڪندا آهن (١٠٤). اِهي اُهي آهن جن پنهنجي پالڻهار جي
آيتن ۽ سندس ملڻ جو انڪار ڪيو پوءِ سندن ڪئي ڪمائي ڇٽ ٿي
پوءِ اُنهن لاءِ قيامت جي ڏينهن ڪا تور ڪڙي نه ڪنداسون (١٠٥). اِها
سندين سزا دوزخ اِنهي سببان آهي جو ڪفر ڪيائون ۽ منهنجي آيتن ۽
منهنجي پيغمبرن کي ٺٺولي ڪري ورتائون (١٠٦). جن ايمان آندو ۽ چڱا
ڪم ڪيا تن لاءِ فردوس جا باغ مهماني (جي جاءِ) آهن (١٠٧). منجهن
سدائين رهڻ وارا آهن ڪائنن وري ڦرڻ نه گهرندا (١٠٨). چؤ ته جيڪڏهن
منهنجي پالڻهار جي سخنن (لکڻ) لاءِ سمنڊ مس ٿئي ته منهنجي پالڻهار جي
سخنن پوري ٿيڻ کان اڳ سمنڊ کپي ويندو توڻيڪ جهڙس (ٻيا سمنڊ)
مدد لاءِ آڻيون (١٠٩).

قُلْ اِنَّمَآ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰٓى اِلَيَّ اَنَّمَآ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَمَنْ كَانَ
يَرْجُوْا لِقَآءَ رَبِّهٖ فَلْيَعْمَلْ عَمَلًا صَالِحًا وَّلَا يُشْرِكْ بِعِبَادَةِ رَبِّهٖٓ اَحَدًا ۱۱۰ ع

## سُوْرَةُ مَرْيَمَ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

كٓهٰيٰعٓصٓ ۱ ذِكْرُ رَحْمَتِ رَبِّكَ عَبْدَهٗ زَكَرِيَّا ۲ اِذْ نَادٰى رَبَّهٗ
نِدَآءً خَفِيًّا ۳ قَالَ رَبِّ اِنِّيْ وَهَنَ الْعَظْمُ مِنِّيْ وَاشْتَعَلَ الرَّاْسُ
شَيْبًا وَّلَمْ اَكُنْ بِدُعَآئِكَ رَبِّ شَقِيًّا ۴ وَاِنِّيْ خِفْتُ الْمَوَالِيَ مِنْ
وَّرَآءِيْ وَكَانَتِ امْرَاَتِيْ عَاقِرًا فَهَبْ لِيْ مِنْ لَّدُنْكَ وَلِيًّا ۵ يَّرِثُنِيْ
وَيَرِثُ مِنْ اٰلِ يَعْقُوْبَ ۖ وَاجْعَلْهُ رَبِّ رَضِيًّا ۶ يٰزَكَرِيَّآ اِنَّا نُبَشِّرُكَ
بِغُلٰمِ ۣ اسْمُهٗ يَحْيٰى ۙ لَمْ نَجْعَلْ لَّهٗ مِنْ قَبْلُ سَمِيًّا ۷ قَالَ رَبِّ اَنّٰى
يَكُوْنُ لِيْ غُلٰمٌ وَّكَانَتِ امْرَاَتِيْ عَاقِرًا وَّقَدْ بَلَغْتُ مِنَ الْكِبَرِ
عِتِيًّا ۸ قَالَ كَذٰلِكَ ۚ قَالَ رَبُّكَ هُوَ عَلَيَّ هَيِّنٌ وَّقَدْ خَلَقْتُكَ
مِنْ قَبْلُ وَلَمْ تَكُ شَيْــًٔا ۹ قَالَ رَبِّ اجْعَلْ لِّيْٓ اٰيَةً ۭ قَالَ
اٰيَتُكَ اَلَّا تُكَلِّمَ النَّاسَ ثَلٰثَ لَيَالٍ سَوِيًّا ۱۰ فَخَرَجَ عَلٰى قَوْمِهٖ
مِنَ الْمِحْرَابِ فَاَوْحٰٓى اِلَيْهِمْ اَنْ سَبِّحُوْا بُكْرَةً وَّعَشِيًّا ۱۱

چؤ تہ آءٌ اوهان جهڙو ئي ماڻهو آهيان مون ڏانهن وحي موڪليو ويندو آهي تہ اوهان جو معبود رڳو هڪ الله آهي پوءِ جيڪو پنهنجي پالڻهار جي ملڻ جي اُميد رکي تنهن کي جڳائي تہ چڱا ڪم ڪري ۽ پنهنجي پالڻهار جي عبادت ۾ ڪنهن هڪڙي کي شريڪ نہ ڪري (١١٠).

سورة مريم مڪي آهي ۽ هن ۾ اٺانوي
آيتون ۽ ڇهہ رڪوع آهن

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

ڪهيعص (١). تنهنجي پالڻهار جي ٻاجھ سندس ٻانهي زڪريا (تي ٿيل) جو (هي) بيان آهي (٢). جڏهن پنهنجي پالڻهار کي آهستي ٻاڏائي سڏيائين (٣). چيائين تہ اي منهنجا پالڻهار! منهنجي (لڱن جا) هڏا ڪمزور ٿيا آهن ۽ ٻڍائي ڪان منهنجو مٿو (اڇو) چمڪي ٿو ۽ اي منهنجا پالڻهار! توکي سڏڻ ڪان نااُميد نہ آهيان (۴). ۽ آءٌ پنهنجي پوئتان پنهنجن مائٽن ڪان ڊڄان ٿو ۽ منهنجي زال سنڍ آهي تنهن ڪري پاڻ وٽان مون کي ڪو وارث بخش! (٥). جو منهنجو وارث ٿئي ۽ يعقوب جي اولاد جو (بہ) وارث ٿئي ۽ اي منهنجا پالڻهار! اُن کي صالح ڪر (٦). (چيو سون تہ) اي زڪريا اسان توکي هڪ نينگر جي مبارڪ ڏيون ٿا جنهن جو نالو يحيٰ آهي اڳ اهڙي نالي وارو ڪونہ ڪيوسون (٧). چيائين اي منهنجا پالڻهار! مون کي پٽ هن حالت ۾ ڪيئن ٿيندو جو منهنجي زال سنڍ آهي ۽ بيشڪ آءٌ پيري ڪان جهورائي کي پهتو آهيان (٨). (جبرئيل) چيو تہ اهڙي طرح (ٿيڻو) آهي. تنهنجي پالڻهار چيو آهي تہ اِهو مون تي آسان آهي ۽ بيشڪ هن کان اڳ توکي پيدا ڪيو اٿم ۽ تون (اصل) ڪجھ نہ هئين (٩). زڪريا چيو تہ اي منهنجا پالڻهار! مون لاءِ ڪا نشاني ڪر- فرمايائين تہ تنهنجي نشاني (هي آهي) تہ ماڻهن سان سانده ٽي (ڏينهن) راتيون ڳالهائي نہ سگهندين (١٠). پوءِ محراب مان پنهنجي قوم ڏانهن نڪتو پوءِ اُنهن ڏانهن اشارو ڏنائين تہ صبح ۽ سانجهي جو (الله جي) پاڪائي بيان ڪريو (١١).

يٰيَحْيٰى خُذِ الْكِتٰبَ بِقُوَّةٍ ؕ وَ اٰتَيْنٰهُ الْحُكْمَ صَبِيًّا ﴿ۙ١٢﴾ وَّ حَنَانًا
مِّنْ لَّدُنَّا وَ زَكٰوةً ؕ وَ كَانَ تَقِيًّا ﴿ۙ١٣﴾ وَّ بَرًّۢا بِوَالِدَيْهِ وَ لَمْ يَكُنْ
جَبَّارًا عَصِيًّا ﴿١٤﴾ وَ سَلٰمٌ عَلَيْهِ يَوْمَ وُلِدَ وَ يَوْمَ يَمُوْتُ وَ يَوْمَ
يُبْعَثُ حَيًّا ﴿١٥﴾ وَ اذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ مَرْيَمَ ۘ اِذِ انْتَبَذَتْ مِنْ اَهْلِهَا
مَكَانًا شَرْقِيًّا ﴿ۙ١٦﴾ فَاتَّخَذَتْ مِنْ دُوْنِهِمْ حِجَابًا ۫ فَاَرْسَلْنَاۤ
اِلَيْهَا رُوْحَنَا فَتَمَثَّلَ لَهَا بَشَرًا سَوِيًّا ﴿١٧﴾ قَالَتْ اِنِّيْۤ اَعُوْذُ
بِالرَّحْمٰنِ مِنْكَ اِنْ كُنْتَ تَقِيًّا ﴿١٨﴾ قَالَ اِنَّمَاۤ اَنَا رَسُوْلُ رَبِّكِ ۖ ۗ
لِاَهَبَ لَكِ غُلٰمًا زَكِيًّا ﴿١٩﴾ قَالَتْ اَنّٰى يَكُوْنُ لِيْ غُلٰمٌ وَّ لَمْ
يَمْسَسْنِيْ بَشَرٌ وَّ لَمْ اَكُ بَغِيًّا ﴿٢٠﴾ قَالَ كَذٰلِكِ ۚ قَالَ رَبُّكِ
هُوَ عَلَيَّ هَيِّنٌ ۚ وَ لِنَجْعَلَهٗۤ اٰيَةً لِّلنَّاسِ وَ رَحْمَةً مِّنَّا ۚ وَ كَانَ
اَمْرًا مَّقْضِيًّا ﴿٢١﴾ فَحَمَلَتْهُ فَانْتَبَذَتْ بِهٖ مَكَانًا قَصِيًّا ﴿٢٢﴾
فَاَجَآءَهَا الْمَخَاضُ اِلٰى جِذْعِ النَّخْلَةِ ۚ قَالَتْ يٰلَيْتَنِيْ مِتُّ
قَبْلَ هٰذَا وَ كُنْتُ نَسْيًا مَّنْسِيًّا ﴿٢٣﴾ فَنَادٰىهَا مِنْ تَحْتِهَاۤ
اَلَّا تَحْزَنِيْ قَدْ جَعَلَ رَبُّكِ تَحْتَكِ سَرِيًّا ﴿٢٤﴾ وَ هُزِّيْۤ
اِلَيْكِ بِجِذْعِ النَّخْلَةِ تُسٰقِطْ عَلَيْكِ رُطَبًا جَنِيًّا ﴿۫٢٥﴾

(۽ يحيٰ جمي ڏهن ورهين جو ٿيو تہ) چيوسون تہ اي يحيٰ! ڪتاب کي مضبوطيءَ سان وٺ۔ ۽ ٻاراڻي (عمر) ۾ کيس علم ڏنوسون (١٢). ۽ پاڻ وٽان کيس شفقت ۽ پاڪبازي ڏني سون۔ ۽ (اُهو) پرهيزگار هو (١٣). ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ سان نيڪي ڪرڻ وارو هو ۽ هٺيلو نافرمان نہ هو (١۴). ۽ جنهن ڏينهن ڄائو ۽ جنهن ڏينهن مرندو ۽ جنهن ڏينهن جيئرو ٿي اُٿندو (تنهن ڏينهن) مٿس سلام هجي (١٥). ۽ مريم (جو قصو) ڪتاب ۾ ياد ڪر۔ جڏهن پنهنجن گهر وارن کان اڀرندي هنڌ پَرَ ڀري ٿي (١٦). پوءِ کانئن هڪ اوٽ ورتائين، پوءِ ڏانهنس پنهنجو ملائڪ موڪليو سون پوءِ هو ان جي اڳيان پورو ماڻهو (وانگر) بڻجي بيٺو (١٧). (مريم) چيو آءٌ توکان ٻاجهاري (الله) جي سام پوان ٿي، جيڪڏهن پرهيزگار آهين (تہ مون کان پري ٿيءُ) (١٨). ملائڪ چيو تہ آءٌ تہ تنهنجي پالڻهار جو هن لاءِ موڪليل آهيان تہ توکي پاڪباز نينگر بخشيان (١٩). (مريم) چيو تہ مون کي ٻار ڪيئن ٿيندو جو مون کي ڪنهن ماڻهو نہ ڇُهيو آهي ۽ نڪي آءٌ بدڪار آهيان (٢٠). (ملائڪ) چيو تہ اهڙي طرح (ٿيڻو) آهي، تنهنجي پالڻهار فرمايو تہ اِهو مون تي سولو آهي، ۽ (هن لاءِ) تہ ان کي ماڻهن جي لاءِ پنهنجي طرف کان نشاني ۽ ٻاجھ (جو وسيلو) ڪريون ۽ (اِهو) ڪم ٺئي ٺيل آهي (٢١). پوءِ اُن سان پيٽ ٿيس پوءِ اُن سان پر ڀري هنڌ الڳ ٿي (٢٢). پوءِ ويم جي سورن کجي جي ٿڙ ڏانهن نيس، چيائين تہ جيڪر هن کان اڳ مران ها، ۽ اصل وسري ويل هجان ها! (تہ چڱو هو) (٢٣). پوءِ کيس (ملائڪ) سندس هيٺين طرف کان سڏيو تہ ڏک نہ ڪر بيشڪ تنهنجي پالڻهار تنهنجي هيٺان تلاءُ پيدا ڪيو آهي (٢۴). ۽ کجي جي ٿڙ کي پاڻ ڏانهن ڌوڻ تہ توتي تازيون ڪارڪون ڇاڻي (٢٥).

فَكُلِىْ وَاشْرَبِىْ وَقَرِّىْ عَيْنًا ۚ فَاِمَّا تَرَيِنَّ مِنَ الْبَشَرِ اَحَدًا ۙ
فَقُوْلِىْٓ اِنِّىْ نَذَرْتُ لِلرَّحْمٰنِ صَوْمًا فَلَنْ اُكَلِّمَ الْيَوْمَ اِنْسِيًّا ۚ ﴿٢٦﴾
فَاَتَتْ بِهٖ قَوْمَهَا تَحْمِلُهٗ ؕ قَالُوْا يٰمَرْيَمُ لَقَدْ جِئْتِ شَيْــًٔا فَرِيًّا ﴿٢٧﴾
يٰٓاُخْتَ هٰرُوْنَ مَا كَانَ اَبُوْكِ امْرَاَ سَوْءٍ وَّمَا كَانَتْ اُمُّكِ بَغِيًّا ۖ ﴿٢٨﴾
فَاَشَارَتْ اِلَيْهِ ۗ قَالُوْا كَيْفَ نُكَلِّمُ مَنْ كَانَ فِى الْمَهْدِ صَبِيًّا ﴿٢٩﴾
قَالَ اِنِّىْ عَبْدُ اللّٰهِ ۗ اٰتٰنِىَ الْكِتٰبَ وَجَعَلَنِىْ نَبِيًّا ۙ ﴿٣٠﴾ وَّجَعَلَنِىْ
مُبٰرَكًا اَيْنَ مَا كُنْتُ ۖ وَاَوْصٰنِىْ بِالصَّلٰوةِ وَالزَّكٰوةِ مَا دُمْتُ
حَيًّا ۙ ﴿٣١﴾ وَّبَرًّا ۢ بِوَالِدَتِىْ ۡ وَلَمْ يَجْعَلْنِىْ جَبَّارًا شَقِيًّا ﴿٣٢﴾ وَالسَّلٰمُ
عَلَىَّ يَوْمَ وُلِدْتُّ وَيَوْمَ اَمُوْتُ وَيَوْمَ اُبْعَثُ حَيًّا ﴿٣٣﴾ ذٰلِكَ
عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ ۚ قَوْلَ الْحَقِّ الَّذِىْ فِيْهِ يَمْتَرُوْنَ ﴿٣٤﴾ مَا كَانَ
لِلّٰهِ اَنْ يَّتَّخِذَ مِنْ وَّلَدٍ ۙ سُبْحٰنَهٗ ؕ اِذَا قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ
لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ؕ ﴿٣٥﴾ وَاِنَّ اللّٰهَ رَبِّىْ وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ؕ هٰذَا
صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿٣٦﴾ فَاخْتَلَفَ الْاَحْزَابُ مِنْۢ بَيْنِهِمْ ۚ فَوَيْلٌ
لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ مَّشْهَدِ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿٣٧﴾ اَسْمِعْ بِهِمْ وَاَبْصِرْ ۙ
يَوْمَ يَاْتُوْنَنَا لٰكِنِ الظّٰلِمُوْنَ الْيَوْمَ فِىْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٨﴾

پوءِ کاءُ ۽ پيءُ ۽ نيڻ ٺار، پوءِ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو کي ڏسين تہ چؤ تہ آءٌ الله لاءِ روزو باسيو آهي تنهن ڪري ڪنهن ماڻهو سان اڄ اصل نہ ڳالهائيندس (٢٦). پوءِ اُن کي پنهنجي قوم وٽ کڻي آئي- چيائون تہ اي مريم! بيشڪ بڇڙي شيءِ آندي اٿيئي (٢٧). اي هارون جي ڀيڻ! نڪي تنهنجو پيءُ بڇڙو مڙس هو ۽ نڪي ماءُ ڪا بدڪار هئي (٢٨). پوءِ ڏانهنس اشارو ڏنائين- چيائون تہ جيڪو پينگهي ۾ ٻار آهي تنهن سان ڪيئن ڳالهايون (٢٩). (عيسىٰ) چيو تہ آءٌ الله جو ٻانهو آهيان- مون کي ڪتاب ڏنو اٿس ۽ مون کي پيغمبر ڪيو اٿس (٣٠). ۽ جتي هوندس اُتي مون کي برڪت وارو ڪيائين ۽ جيسين جيئرو هوندس تيسين مون کي نماز (پڙهڻ) ۽ زڪواة (ڏيڻ) جو حڪم ڪيائين (٣١). ۽ پنهنجي ماءُ سان چڱائي ڪندڙ (ڪيائين) ۽ مون کي هٺيلو بدبخت نہ ڪيائين (٣٢). ۽ جنهن ڏينهن ڄائس ۽ جنهن ڏينهن مرندس ۽ جنهن ۽ ڏينهن وري جيئرو ٿي اُٿندس تنهن ڏينهن مون تي سلام آهي (٣٣). اهو (قصو) عيسىٰ پٽ مريم جو آهي، سچي ڳالهہ آهي جنهن ۾ (ماڻهو) شڪ ڪندا آهن (٣٤). الله کي (پاڻ لاءِ) ڪو پٽ وٺڻ نہ جڳائيندو آهي اُهو پاڪ آهي- جڏهن ڪو ڪم ڪندو آهي تڏهن اُن لاءِ رڳو چوندو آهي تہ ٿيءُ تہ ٿي پوندو آهي (٣٥). ۽ الله منهنجو پالڻهار ۽ اوهان جو پالڻهار آهي تنهن ڪري سندس عبادت ڪريو- اها سڌي واٽ آهي (٣٦). پوءِ ڪن ٽولين پاڻ ۾ اختلاف ڪيو، پوءِ ڪافرن لاءِ وڏي ڏينهن جي اَڏي ٿيڻ کان ويل آهي (٣٧). جنهن ڏينهن اسان وٽ ايندا (تنهن ڏينهن) ڪهڙو نہ چڱو ٻڌندا! ۽ ڪهڙو نہ چڱو ڏسندا! پر ظالم اَڄ پڌري گمراهي ۾ آهن (٣٨).

وَاَنۡذِرۡهُمۡ يَوۡمَ الۡحَسۡرَةِ اِذۡ قُضِىَ الۡاَمۡرُ‌ۘ وَهُمۡ فِىۡ غَفۡلَةٍ وَّهُمۡ
لَا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۳۹﴾ اِنَّا نَحۡنُ نَرِثُ الۡاَرۡضَ وَمَنۡ عَلَيۡهَا وَاِلَيۡنَا
يُرۡجَعُوۡنَ ﴿۴۰﴾ وَاذۡكُرۡ فِى الۡكِتٰبِ اِبۡرٰهِيۡمَ ؕ اِنَّهٗ كَانَ صِدِّيۡقًا
نَّبِيًّا ﴿۴۱﴾ اِذۡ قَالَ لِاَبِيۡهِ يٰۤاَبَتِ لِمَ تَعۡبُدُ مَا لَا يَسۡمَعُ وَلَا يُبۡصِرُ وَ
لَا يُغۡنِىۡ عَنۡكَ شَيۡـًٔا ﴿۴۲﴾ يٰۤاَبَتِ اِنِّىۡ قَدۡ جَآءَنِىۡ مِنَ الۡعِلۡمِ مَا لَمۡ
يَاۡتِكَ فَاتَّبِعۡنِىۡۤ اَهۡدِكَ صِرَاطًا سَوِيًّا ﴿۴۳﴾ يٰۤاَبَتِ لَا تَعۡبُدِ الشَّيۡطٰنَ‌ ؕ
اِنَّ الشَّيۡطٰنَ كَانَ لِلرَّحۡمٰنِ عَصِيًّا ﴿۴۴﴾ يٰۤاَبَتِ اِنِّىۡۤ اَخَافُ اَنۡ
يَّمَسَّكَ عَذَابٌ مِّنَ الرَّحۡمٰنِ فَتَكُوۡنَ لِلشَّيۡطٰنِ وَلِيًّا ﴿۴۵﴾ قَالَ اَرَاغِبٌ
اَنۡتَ عَنۡ اٰلِهَتِىۡ يٰۤاِبۡرٰهِيۡمُ‌ ۚ لَـئِنۡ لَّمۡ تَنۡتَهِ لَاَرۡجُمَنَّكَ‌ وَاهۡجُرۡنِىۡ مَلِيًّا ﴿۴۶﴾
قَالَ سَلٰمٌ عَلَيۡكَ‌ ۚ سَاَسۡتَغۡفِرُ لَكَ رَبِّىۡ‌ ؕ اِنَّهٗ كَانَ بِىۡ حَفِيًّا ﴿۴۷﴾ وَ
اَعۡتَزِلُكُمۡ وَمَا تَدۡعُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ وَاَدۡعُوۡا رَبِّىۡ ‌ۖ عَسٰۤى اَلَّاۤ
اَكُوۡنَ بِدُعَآءِ رَبِّىۡ شَقِيًّا ﴿۴۸﴾ فَلَمَّا اعۡتَزَلَهُمۡ وَمَا يَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ
دُوۡنِ اللّٰهِ ۙ وَهَبۡنَا لَهٗۤ اِسۡحٰقَ وَيَعۡقُوۡبَ‌ ؕ وَكُلًّا جَعَلۡنَا نَبِيًّا ﴿۴۹﴾
وَوَهَبۡنَا لَهُمۡ مِّنۡ رَّحۡمَتِنَا وَجَعَلۡنَا لَهُمۡ لِسَانَ صِدۡقٍ عَلِيًّا ﴿۵۰﴾ ع
وَاذۡكُرۡ فِى الۡكِتٰبِ مُوۡسٰٓى‌ اِنَّهٗ كَانَ مُخۡلَصًا وَّكَانَ رَسُوۡلًا نَّبِيًّا ﴿۵۱﴾

۽ ڪين پشيماني جي ڏينهن کان ڊيڄار جنهن ڏينهن ڪم پورو ڪبو- ۽ اُهي غفلت ۾ آهن ۽ اُهي ايمان نٿا آڻين (٣٩). بيشڪ اسين زمين جا ۽ جيڪي مٿس آهي تنهن جا وارث آهيون ۽ اسان ڏانهن موٽايا ويندا (٤٠). ۽ ابراهيم (جو قصو) ڪتاب ۾ ياد ڪر- بيشڪ اُهو سچار پيغمبر هو (٤١). جڏهن پنهنجي پيءُ کي چيائين ته اي اَبا! جيڪو نه ڪي ڏسي ۽ نه ڪي ٻڌي ۽ نه ڪي توکان ڪجهه ٽاري تنهن جي پوڄا ڇو ڪندو آهين؟ (٤٢). اي اَبا! بيشڪ (الله جي پار کان) مون وٽ (اها) ڄاڻ آئي آهي جا تو وٽ نه آئي آهي تنهن ڪري منهنجي تابعداري ڪر ته توکي سڌو رستو ڏيکاريان (٤٣). اي اَبا! شيطان کي نه پوڄ- ڇو ته شيطان الله جو نافرمان آهي (٤٤). اي اَبا! آءٌ توتي الله جي عذاب پهچڻ کان ڊڄان ٿو پوءِ متان شيطان جو سنگتي ٿئين (٤٥). (پڻس) چيو ته اي ابراهيم! تون منهنجي معبودن کان ڇو ڦرڻ وارو آهين؟ جيڪڏهن نه روڪبين ته توکي ضرور پٿرن سان ماريندس ۽ گهڻي مدت مون کان پاسي ٿيءُ (٤٦). (ابراهيم) چيو ته توتي سلام هجي، اءٌ تو لاءِ پنهنجي پالڻهار کان بخشش گهرندس- ڇو ته اُهو مون تي مهربان آهي (٤٧). ۽ الله کان سواءِ جن کي سڏيندا آهيو تن کان ۽ اوهان کان پاسو ڪريان ٿو ۽ پنهنجي پالڻهار جي عبادت ڪندس، اميد آهي ته پنهنجي رب جي دعا سان بدبخت نه ٿيندس (٤٨). پوءِ جڏهن کانئن ۽ الله کان سواءِ جن کي پوڄيندا هئا تن کان پاسو ڪيائين (تڏهن) کيس اسحاق ۽ يعقوب عطا ڪيوسون- ۽ هر هڪ کي پيغمبر ڪيوسون (٤٩). ۽ کين پنهنجي ٻاجه مان (گهڻيون شيون) عطا ڪيون سون ۽ اُنهن جي نيڪ نامي بلند ڪئي سون (٥٠). ۽ ڪتاب ۾ موسيٰ (جو قصو) ياد ڪر، بيشڪ اُهو چونڊيل هو ۽ پيغمبر نبي هو (٥١).

وَنَادَيْنٰهُ مِنْ جَانِبِ الطُّوْرِ الْاَيْمَنِ وَقَرَّبْنٰهُ نَجِيًّا ﴿٥٢﴾ وَ
وَهَبْنَا لَهٗ مِنْ رَّحْمَتِنَآ اَخَاهُ هٰرُوْنَ نَبِيًّا ﴿٥٣﴾ وَاذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ
اِسْمٰعِيْلَ اِنَّهٗ كَانَ صَادِقَ الْوَعْدِ وَكَانَ رَسُوْلًا نَّبِيًّا ﴿٥٤﴾ وَ
كَانَ يَاْمُرُ اَهْلَهٗ بِالصَّلٰوةِ وَالزَّكٰوةِ وَكَانَ عِنْدَ رَبِّهٖ مَرْضِيًّا ﴿٥٥﴾
وَاذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ اِدْرِيْسَ اِنَّهٗ كَانَ صِدِّيْقًا نَّبِيًّا ﴿٥٦﴾ وَّرَفَعْنٰهُ
مَكَانًا عَلِيًّا ﴿٥٧﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنَ النَّبِيّٖنَ
مِنْ ذُرِّيَّةِ اٰدَمَ وَمِمَّنْ حَمَلْنَا مَعَ نُوْحٍ وَّمِنْ ذُرِّيَّةِ اِبْرٰهِيْمَ
وَاِسْرَآءِيْلَ وَمِمَّنْ هَدَيْنَا وَاجْتَبَيْنَا اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُ
الرَّحْمٰنِ خَرُّوْا سُجَّدًا وَّبُكِيًّا ﴿٥٨﴾ السجدة فَخَلَفَ مِنْ بَعْدِهِمْ خَلْفٌ
اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ وَاتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ فَسَوْفَ يَلْقَوْنَ غَيًّا ﴿٥٩﴾
اِلَّا مَنْ تَابَ وَاٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا فَاُولٰٓئِكَ يَدْخُلُوْنَ
الْجَنَّةَ وَلَا يُظْلَمُوْنَ شَيْـًٔا ﴿٦٠﴾ جَنّٰتِ عَدْنِ نِ الَّتِيْ وَعَدَ
الرَّحْمٰنُ عِبَادَهٗ بِالْغَيْبِ اِنَّهٗ كَانَ وَعْدُهٗ مَاْتِيًّا ﴿٦١﴾ لَا يَسْمَعُوْنَ
فِيْهَا لَغْوًا اِلَّا سَلٰمًا وَلَهُمْ رِزْقُهُمْ فِيْهَا بُكْرَةً وَّعَشِيًّا ﴿٦٢﴾
تِلْكَ الْجَنَّةُ الَّتِيْ نُوْرِثُ مِنْ عِبَادِنَا مَنْ كَانَ تَقِيًّا ﴿٦٣﴾

۽ طور (جبل) جي سڄي پر کان ڪيس سڏيوسون ۽ همراز ٿيڻ لاءِ ڪيس ويجهو ڪيوسون (٥٢). ۽ پنهنجي ٻاجھ سان سندس ڀاءُ هارون پيغمبر ڪري ڪيس عطا ڪيوسون (٥٣). ۽ ڪتاب ۾ اسماعيل (جو قصو) ياد ڪر بيشڪ اُهو انجام جو پورو ۽ پيغمبر نبي هو (٥٤). ۽ پنهنجي گهر وارن کي نماز ۽ زڪواة جو حڪم ڪندو هو ۽ پنهنجي پالڻهار وٽ پسند هو (٥٥). ۽ ڪتاب ۾ ادريس (جو قصو) ياد ڪر، بيشڪ اُهو سچار پيغمبر هو (٥٦). ۽ وڏي مرتبي ڪري سندس مانُ مٿاهون ڪيوسون (٥٧). اِهي اُهي آهن جن تي الله فضل ڪيو، آدم جي اولاد منجهان پيغمبرن مان ۽ جن کي نوح سان (ٻيڙي ۾) کنيوسون ۽ ابراهيم ۽ يعقوب جي اولاد مان ۽ جن کي هدايت ڪئي سون ۽ چونڊيوسون (تن مان آهن) جڏهن الله جون آيتون کين پڙهي ٻڌائبيون هيون تڏهن سجدو ڪندڙ ۽ روئيندڙ ٿي ڪري پوندا هئا (٥٨). پوءِ سندن پوئتان ڪيترا نااهل پيڙهي تي ويٺا (جو) نماز ڇڏي ڏنائون ۽ خواهشن جي پٺيان لڳا پوءِ سگهو گمراهيءَ جي سزا لهندا (٥٩). پر جن توبه ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا سي بهشت ۾ گهڙندا ۽ مٿن ڪو به ظلم نه ڪبو (٦٠). هميشه جا باغ آهن جن لاءِ الله پنهنجن ٻانهن سان پريٺ انجام ڪيو آهي- بيشڪ سندس انجام پهچڻو آهي (٦١). اُن ۾ سلام کان سواءِ (ٻي) ڪا بيهودي ڳالھ نه ٻڌندا- ۽ منجهس اُنهن لاءِ صبح ۽ سانجهي جو سندن روزي آهي- (٦٢). اِهو بهشت اُهو آهي جو منهنجن ٻانهن مان جيڪو پرهيزگار ٿجندو تنهن کي (اُن جو) وارث ڪنداسون (٦٣).

وَمَا نَتَنَزَّلُ اِلَّا بِاَمْرِ رَبِّكَ ۚ لَهٗ مَا بَيْنَ اَيْدِيْنَا وَمَا خَلْفَنَا
وَمَا بَيْنَ ذٰلِكَ ۚ وَمَا كَانَ رَبُّكَ نَسِيًّا ﴿۶۴﴾ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَ
الْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا فَاعْبُدْهُ وَاصْطَبِرْ لِعِبَادَتِهٖ ؕ هَلْ تَعْلَمُ
لَهٗ سَمِيًّا ﴿۶۵﴾ وَيَقُوْلُ الْاِنْسَانُ ءَاِذَا مَا مِتُّ لَسَوْفَ اُخْرَجُ حَيًّا ﴿۶۶﴾
اَوَلَا يَذْكُرُ الْاِنْسَانُ اَنَّا خَلَقْنٰهُ مِنْ قَبْلُ وَلَمْ يَكُ شَيْـًٔا ﴿۶۷﴾
فَوَرَبِّكَ لَنَحْشُرَنَّهُمْ وَالشَّيٰطِيْنَ ثُمَّ لَنُحْضِرَنَّهُمْ حَوْلَ جَهَنَّمَ
جِثِيًّا ﴿۶۸﴾ ۚ ثُمَّ لَنَنْزِعَنَّ مِنْ كُلِّ شِيْعَةٍ اَيُّهُمْ اَشَدُّ عَلَى الرَّحْمٰنِ
عِتِيًّا ﴿۶۹﴾ ۚ ثُمَّ لَنَحْنُ اَعْلَمُ بِالَّذِيْنَ هُمْ اَوْلٰى بِهَا صِلِيًّا ﴿۷۰﴾ وَاِنْ
مِّنْكُمْ اِلَّا وَارِدُهَا ۚ كَانَ عَلٰى رَبِّكَ حَتْمًا مَّقْضِيًّا ﴿۷۱﴾ ۚ ثُمَّ نُنَجِّى
الَّذِيْنَ اتَّقَوْا وَّنَذَرُ الظّٰلِمِيْنَ فِيْهَا جِثِيًّا ﴿۷۲﴾ وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ
اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا ۙ اَىُّ الْفَرِيْقَيْنِ
خَيْرٌ مَّقَامًا وَّاَحْسَنُ نَدِيًّا ﴿۷۳﴾ وَكَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنْ قَرْنٍ هُمْ
اَحْسَنُ اَثَاثًا وَّرِءْيًا ﴿۷۴﴾ قُلْ مَنْ كَانَ فِى الضَّلٰلَةِ فَلْيَمْدُدْ لَهُ
الرَّحْمٰنُ مَدًّا ۚ حَتّٰٓى اِذَا رَاَوْا مَا يُوْعَدُوْنَ اِمَّا الْعَذَابَ وَاِمَّا
السَّاعَةَ ؕ فَسَيَعْلَمُوْنَ مَنْ هُوَ شَرٌّ مَّكَانًا وَّاَضْعَفُ جُنْدًا ﴿۷۵﴾

۽ (ملائڪن چيو ته) تنهنجي پالڻهار جي حڪم ڪان سواءِ نه لهندا آهيون، جيڪي اسان جي آڏو آهي ۽ جيڪي اسان جي پويان آهي ۽ جيڪي اُنهن جي وچ ۾ آهي تنهن جي (سڀ خبر) اُن کي آهي، ۽ تنهنجو پالڻهار وسارڻ وارو نه آهي (٦٤). آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪي سندن وچ ۾ آهي تنهن جو پالڻهار آهي پوءِ سندس عبادت ڪر ۽ سندس عبادت تي صبر ڪر (يعني مضبوط رهه)- تون اُن نالي وارو ڪو ڄاڻندو آهين ڇا؟ (٦٥). ۽ ماڻهو چوندو آهي ته جڏهن مرندس (تڏهن) جيئرو ٿي ڪڍيس ڇا؟ (٦٦). انسان کي ياد نه آهي ڇا ته کيس اڳ پيدا ڪيوسون حالانڪ ڪجهه به نه هو؟ (٦٧). پوءِ تنهنجي رب جو قسم آهي ته اُنهن کي ۽ شيطانن کي گڏ ڪنداسون وري دوزخ جي چوڌاري ڪين گوڏن ڀر حاضر ڪنداسون (٦٨). وري هر هڪ ٽولي مان اهڙن (ماڻهن) کي ڌار ڪنداسون جن اُنهن مان ٻاجهاري (الله) جي سخت نافرماني ڪئي (٦٩). وري جيڪي اُن (جهنم) ۾ گهڙڻ جا وڌيڪ حقدار آهن تن کي اسين چڱيءَ طرح ڄاڻندا آهيون (٧٠). ۽ اوهان مان ڪو (اهڙو) ڪونهي جو اُن (جهنم) تي اچڻ وارو نه آهي، تنهن جي پالڻهار تي اِهو (انجام) لازم مقرر آهي (٧١). وري پرهيزگارن کي بچائيندا سون ۽ ظالمن کي منجهس ڪرونڊڙو ڇڏيندا سون (٧٢). ۽ جڏهن اسان جون چٽيون آيتون اُنهن کي پڙهي ٻڌائبيون آهن (تڏهن) ڪافر مؤمنن کي چوندا آهن ته ٻنهين ٽولين مان ڪير، مرتبي جي ڪري بهتر ۽ مجلس جي ڪري معتبر آهي؟ (٧٣). ۽ کانئن اڳ ڪيترائي جڳ ناس ڪياسون جو اُهي (ظاهري ساز) سامان ۽ ڏيک ويک جي ڪري وڌيڪ چڱا هئا (٧٤). چؤ ته جيڪو گمراهي ۾ آهي تنهن کي الله وڌيڪ وڌائيندو آهي، تان جو جيڪو انجام يا ته عذاب جو يا قيامت جو (ساڻن) ڪيو ويو سو جڏهن ڏسندا، تڏهن هو ڄاڻندا ته بڇڙي مانَ وارو ۽ لشڪر جي ڪري وڌيڪ هيڻو ڪير آهي (٧٥).

وَيَزِيْدُ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اهْتَدَوْا هُدًى ۭ وَالْبٰقِيٰتُ الصّٰلِحٰتُ
خَيْرٌ عِنْدَ رَبِّكَ ثَوَابًا وَّخَيْرٌ مَّرَدًّا ﴿٧٦﴾ اَفَرَءَيْتَ الَّذِيْ كَفَرَ
بِاٰيٰتِنَا وَقَالَ لَاُوْتَيَنَّ مَالًا وَّوَلَدًا ﴿٧٧﴾ ۭ اَطَّلَعَ الْغَيْبَ اَمِ اتَّخَذَ
عِنْدَ الرَّحْمٰنِ عَهْدًا ﴿٧٨﴾ ۙ كَلَّا ۭ سَنَكْتُبُ مَا يَقُوْلُ وَنَمُدُّ لَهٗ مِنَ
الْعَذَابِ مَدًّا ﴿٧٩﴾ ۙ وَّنَرِثُهٗ مَا يَقُوْلُ وَيَاْتِيْنَا فَرْدًا ﴿٨٠﴾ وَاتَّخَذُوْا
مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اٰلِهَةً لِّيَكُوْنُوْا لَهُمْ عِزًّا ﴿٨١﴾ ۙ كَلَّا ۭ سَيَكْفُرُوْنَ
بِعِبَادَتِهِمْ وَيَكُوْنُوْنَ عَلَيْهِمْ ضِدًّا ﴿٨٢﴾ ۧ اَلَمْ تَرَ اَنَّآ اَرْسَلْنَا الشَّيٰطِيْنَ
عَلَى الْكٰفِرِيْنَ تَؤُزُّهُمْ اَزًّا ﴿٨٣﴾ ۙ فَلَا تَعْجَلْ عَلَيْهِمْ ۭ اِنَّمَا نَعُدُّ لَهُمْ عَدًّا ﴿٨٤﴾ ۚ
يَوْمَ نَحْشُرُ الْمُتَّقِيْنَ اِلَى الرَّحْمٰنِ وَفْدًا ﴿٨٥﴾ ۙ وَّنَسُوْقُ الْمُجْرِمِيْنَ
اِلٰى جَهَنَّمَ وِرْدًا ﴿٨٦﴾ لَا يَمْلِكُوْنَ الشَّفَاعَةَ اِلَّا مَنِ اتَّخَذَ عِنْدَ
الرَّحْمٰنِ عَهْدًا ﴿٨٧﴾ ۘ وَقَالُوا اتَّخَذَ الرَّحْمٰنُ وَلَدًا ﴿٨٨﴾ ۭ لَقَدْ جِئْتُمْ شَيْـًٔا
اِدًّا ﴿٨٩﴾ ۙ تَكَادُ السَّمٰوٰتُ يَتَفَطَّرْنَ مِنْهُ وَتَنْشَقُّ الْاَرْضُ وَتَخِرُّ الْجِبَالُ
هَدًّا ﴿٩٠﴾ ۙ اَنْ دَعَوْا لِلرَّحْمٰنِ وَلَدًا ﴿٩١﴾ ۚ وَمَا يَنْۢبَغِيْ لِلرَّحْمٰنِ اَنْ يَّتَّخِذَ وَلَدًا ﴿٩٢﴾ ۭ
اِنْ كُلُّ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ اِلَّآ اٰتِي الرَّحْمٰنِ عَبْدًا ﴿٩٣﴾ ۭ لَقَدْ
اَحْصٰىهُمْ وَعَدَّهُمْ عَدًّا ﴿٩٤﴾ ۭ وَكُلُّهُمْ اٰتِيْهِ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فَرْدًا ﴿٩٥﴾

۽ الله هدايت وارن کي هدايت ۾ وڌائيندو آهي- ۽ باقي رهندڙيون نيڪيون تنهنجي پالڻهار وٽ ثواب ڪري ڀليون ۽ موٽ ڪري چڱيون آهن (٧٦). (اي پيغمبر!) اُنهيءَ کي نہ ڏٺو اٿيئي ڇا جنهن اسان جي آيتن کي نہ مڃيو ۽ چيائين تہ مون کي مال ۽ اولاد ضرور ڏنو ويندو؟ (٧٧). (اُهو) ڳجهہ ڄاڻندو آهي ڇا يا الله وٽان ڪو انجام ورتو اٿس؟ (٧٨). ائين (هرگز) نہ آهي- جيڪي چوندو آهي سو سگهوئي لکنداسون ۽ اُن لاءِ ڏکهو عذاب وڌائينداسون (٧٩). ۽ جيڪي چوي ٿو سو کائنس کسينداسون ۽ اسان وٽ اڪيلو ايندو (٨٠). ۽ الله کان سواءِ ٻيا معبود هن لاءِ ورتا اٿن تہ اُنهن لاءِ مانَ جو سبب ٿين (٨١). ائين (اصل) نہ آهي- (اُهي) سندن پوڄا جو انڪار ڪندا ۽ انهن جا دشمن (۽ مخالف) ٿيندا (٨٢). (اي پيغمبر!) نہ ڏٺو اٿيئي ڇا تہ شيطانن کي ڪافرن تي موڪليوسون تہ (اُهي) کين لوڏا ڏيئي ڏوٽين؟ (٨٣). پوءِ مٿن (عذاب جي) تڪڙ نہ ڪر- اسين اُنهن لاءِ (سندن عملن ۽ ڏينهن جي پوري) ڳڻ ڳڻيندا آهيون (٨٤). اُن ڏينهن پرهيزگارن کي مهمانن وانگر ٻاجهاري (الله) وٽ گڏ ڪنداسون (٨٥). ۽ ڏوهين کي دوزخ ڏانهن اُڃو روانو ڪنداسون (٨٦). جنهن الله وٽان انجام ورتو تنهن کان سواءِ (ٻيا ڪي) شفاعت ڪري نہ سگهندا (٨٧). ۽ چوندا آهن تہ الله پاڻ لاءِ اولاد ورتو آهي (٨٨). (چئبن تہ) بيشڪ اوهان بڇڙي شيءِ آندي (٨٩). اِنهي (چوڻ) کان اِجهو آسمان ڦاٽڪي پوندا ۽ زمين ڦاٽي پوندي ۽ جبل ذرا ذرا ٿي ڪرندا! (٩٠). اُنهي سببان جو (اُنهن) الله لاءِ پٽ (ٻڌائي) سڏيا (٩١). ۽ الله کي اولاد وٺڻ نہ جڳائيندو آهي (٩٢). جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن سي سڀ الله وٽ ٻانها ٿي ايندا (٩٣). بيشڪ (الله) کين شمار ڪيو آهي ۽ سندن تعداد ڳڻيو اٿس (٩٤). ۽ قيامت جي ڏينهن اُنهن مان هر هڪ وٽس اڪيلو ايندو (٩٥).

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ سَيَجْعَلُ لَهُمُ الرَّحْمٰنُ
وُدًّا ﴿۹۶﴾ فَاِنَّمَا يَسَّرْنٰهُ بِلِسَانِكَ لِتُبَشِّرَ بِهِ الْمُتَّقِيْنَ وَتُنْذِرَ
بِهٖ قَوْمًا لُّدًّا ﴿۹۷﴾ وَكَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنْ قَرْنٍ ؕ هَلْ تُحِسُّ
مِنْهُمْ مِّنْ اَحَدٍ اَوْ تَسْمَعُ لَهُمْ رِكْزًا ﴿۹۸﴾ ع

## سُوْرَةُ طٰهٰ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

طٰهٰ ﴿۱﴾ مَآ اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْقُرْاٰنَ لِتَشْقٰٓى ﴿۲﴾ لا اِلَّا تَذْكِرَةً لِّمَنْ
يَّخْشٰى ﴿۳﴾ لا تَنْزِيْلًا مِّمَّنْ خَلَقَ الْاَرْضَ وَالسَّمٰوٰتِ الْعُلٰى ﴿۴﴾ ط
اَلرَّحْمٰنُ عَلَى الْعَرْشِ اسْتَوٰى ﴿۵﴾ لَهٗ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى
الْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا وَمَا تَحْتَ الثَّرٰى ﴿۶﴾ وَاِنْ تَجْهَرْ بِالْقَوْلِ
فَاِنَّهٗ يَعْلَمُ السِّرَّ وَاَخْفٰى ﴿۷﴾ اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ لَهُ الْاَسْمَآءُ
الْحُسْنٰى ﴿۸﴾ وَهَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ مُوْسٰى ﴿۹﴾ اِذْ رَاٰ نَارًا فَقَالَ
لِاَهْلِهِ امْكُثُوْٓا اِنِّيْٓ اٰنَسْتُ نَارًا لَّعَلِّيْٓ اٰتِيْكُمْ مِّنْهَا بِقَبَسٍ اَوْ
اَجِدُ عَلَى النَّارِ هُدًى ﴿۱۰﴾ فَلَمَّآ اَتٰىهَا نُوْدِيَ يٰمُوْسٰى ﴿۱۱﴾ ط اِنِّيْٓ اَنَا
رَبُّكَ فَاخْلَعْ نَعْلَيْكَ ج اِنَّكَ بِالْوَادِ الْمُقَدَّسِ طُوًى ﴿۱۲﴾ ط

بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ الله سگهو محبت پيدا ڪندو (٩٦). پوءِ اُهو (قرآن) تنهنجي زبان تي رڳو هن لاءِ آسان ڪيوسون ته (تون) ساڻس پرهيزگارن کي خوش خبري ڏئين ۽ اُن سان جهڳڙالو قوم کي ڊيڄارين (٩٧). ۽ کانئن اڳ ڪيترا جڳ ناس ڪياسون- منجهانئن ڪنهن هڪ جو پتو لهين ٿو ڇا يا سندن ڀڻڪ ٻڌين ٿو ڇا؟ (٩٨).

سورة طـٰهٰ مڪي آهي ۽ هي هڪ سؤ
پنجٽيهه آيتون ۽ اٺ رڪوع آهي

الله ٻاجهاري جي نالي سان (شروع)

طـٰه (١). توتي قرآن هن لاءِ نه لاٿوسون ته تون اوکو ٿئين (٢). پر جيڪو ڊڄي تنهن جي نصيحت ڏيڻ لاءِ (لاٿو سون) (٣). اُنهي (جي طرف) کان لهڻ وارو آهي جنهن زمين کي ۽ بلند آسمانن کي بڻايو آهي (۴). (اُهو) ٻاجهارو عرش تي قائم آهي (٥). جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي ۽ جيڪي ٻنهين جي وچ ۾ آهي ۽ جيڪي زمين جي تري هيٺان آهي سو اُن جو آهي (٦). ۽ جيڪڏهن (تون ٻـل) ڏاڍيان ڳالهائين ته بيشڪ اُهو لڪ (۾) ۽ صفا آهستي (چيل ڳالهه سڀ) ڄاڻندو آهي (٧). الله (اُهو آهي جو) اُن کان سواءِ ٻيو ڪو به معبود نه آهي- اُن جا نالا تمام سهڻا آهن (٨). ۽ (اي پيغمبر!) توکي موسىٰ جي ڳالهه نه پهتي آهي ڇا؟- (٩). جڏهن باهه ڏٺائين تڏهن پنهنجي گهر جي ڀاتين کي چيائين ته ترسو جو مون باهه ڏٺي آهي اُميد ته منجهانئس ڪو اُڳر اوهان وٽ ڪٽي اچان يا باهه تي ڪو (دڳ جي) ڏس ڏيڻ وارو لهان (١٠). پوءِ جنهن مهل باهه وٽ آيو(تنهن مهل) اُن کي سڏيو ويو ته اي موسىٰ (١١). بيشڪ آءٌ تنهنجو پالڻهار آهيان تنهن ڪري پنهنجي جتي (پري) لاهه، ڇو ته تون پاڪ ميدان طوىٰ ۾ آهين (١٢).

وَاَنَا اخْتَرْتُكَ فَاسْتَمِعْ لِمَا يُوْحٰى ﴿١٣﴾ اِنَّنِيْٓ اَنَا اللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ
اَنَا فَاعْبُدْنِيْ ۙ وَاَقِمِ الصَّلٰوةَ لِذِكْرِيْ ﴿١٤﴾ اِنَّ السَّاعَةَ اٰتِيَةٌ
اَكَادُ اُخْفِيْهَا لِتُجْزٰى كُلُّ نَفْسٍ ۢبِمَا تَسْعٰى ﴿١٥﴾ فَلَا يَصُدَّنَّكَ عَنْهَا
مَنْ لَّا يُؤْمِنُ بِهَا وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ فَتَرْدٰى ﴿١٦﴾ وَمَا تِلْكَ بِيَمِيْنِكَ يٰمُوْسٰى ﴿١٧﴾
قَالَ هِيَ عَصَايَ ۚ اَتَوَكَّؤُا عَلَيْهَا وَاَهُشُّ بِهَا عَلٰى غَنَمِيْ وَلِيَ فِيْهَا
مَاٰرِبُ اُخْرٰى ﴿١٨﴾ قَالَ اَلْقِهَا يٰمُوْسٰى ﴿١٩﴾ فَاَلْقٰىهَا فَاِذَا هِيَ حَيَّةٌ
تَسْعٰى ﴿٢٠﴾ قَالَ خُذْهَا وَلَا تَخَفْ ٚ سَنُعِيْدُهَا سِيْرَتَهَا الْاُوْلٰى ﴿٢١﴾
وَاضْمُمْ يَدَكَ اِلٰى جَنَاحِكَ تَخْرُجْ بَيْضَآءَ مِنْ غَيْرِ سُوْٓءٍ اٰيَةً
اُخْرٰى ﴿٢٢﴾ ۙ لِنُرِيَكَ مِنْ اٰيٰتِنَا الْكُبْرٰى ﴿٢٣﴾ ۚ اِذْهَبْ اِلٰى فِرْعَوْنَ اِنَّهٗ
طَغٰى ﴿٢٤﴾ ۧ قَالَ رَبِّ اشْرَحْ لِيْ صَدْرِيْ ﴿٢٥﴾ ۙ وَيَسِّرْ لِيْٓ اَمْرِيْ ﴿٢٦﴾ ۙ وَاحْلُلْ
عُقْدَةً مِّنْ لِّسَانِيْ ﴿٢٧﴾ ۙ يَفْقَهُوْا قَوْلِيْ ﴿٢٨﴾ ۠ وَاجْعَلْ لِّيْ وَزِيْرًا مِّنْ
اَهْلِيْ ﴿٢٩﴾ ۙ هٰرُوْنَ اَخِي ﴿٣٠﴾ ۙ اشْدُدْ بِهٖٓ اَزْرِيْ ﴿٣١﴾ ۙ وَاَشْرِكْهُ فِيْٓ اَمْرِيْ ﴿٣٢﴾ ۙ
كَيْ نُسَبِّحَكَ كَثِيْرًا ﴿٣٣﴾ ۙ وَّنَذْكُرَكَ كَثِيْرًا ﴿٣٤﴾ ۭ اِنَّكَ كُنْتَ بِنَا
بَصِيْرًا ﴿٣٥﴾ قَالَ قَدْ اُوْتِيْتَ سُؤْلَكَ يٰمُوْسٰى ﴿٣٦﴾ وَلَقَدْ مَنَنَّا
عَلَيْكَ مَرَّةً اُخْرٰٓى ﴿٣٧﴾ ۙ اِذْ اَوْحَيْنَآ اِلٰٓى اُمِّكَ مَا يُوْحٰٓى ﴿٣٨﴾ ۙ

۽ مون تـوکي چونڊيو آهي تنهن ڪري جيڪي وحي ڪجي تو سو ٻڌ (١٣). سچ پچ آءٌ الله آهيان. مون کان سواءِ (ٻيو ڪو) معبود نہ آهي تنهن ڪري منهنجي عبادت ڪر ۽ منهنجي ياد ڪرڻ لاءِ نماز قائم ڪر (١۴). بيشڪ قيامت اچڻي آهي اُن جي (وقت جي اچڻ) کي هن ڪري ڳجهو ڪريان ٿو تہ جيئن هر ڪنهن ماڻهوءَ کي سندس محنت جو بدلو ڏجي (١٥). جيڪو اُن کي نہ مڃيندو آهي ۽ پنهنجين سڌن جي پٺيان لڳو آهي سو توکي اُن (جي مڃڻ) کان متان روڪي تہ پوءِ هلاڪ ٿيندين (١٦). ۽ اي موسيٰ اِها تنهنجي سڄي هٿ ۾ ڇا آهي؟ (١٧). چيائين تہ هيءَ منهنجي لٺ آهي، مٿس ٽيڪ ڏيندو آهيان ۽ اُن سان پنهنجي ٻڪرين تي (وڻ جا) پن ڇاڻيندو آهيان ۽ منجهس مون لاءِ ٻيا (بہ) فائدا آهن (١٨). (الله) فرمايو تہ اي موسيٰ! اِها اُڇلاءِ (١٩). پوءِ اُها اُڇليائين تہ اُها اُنهي مهل ڊوڙندڙ واسينگ (نانگ) ٿي پيئي (٢٠). (الله) فرمايو تہ اُنهي کي وٺ ۽ نہ ڊڄ، اسين اجهو اُنهي کي سنديس پهرينءَ شڪل ۾ موٽائينداسون (٢١). ۽ پنهنجو هٿ پنهنجي بغل سان ملاءِ تہ بي عيبو اڇو ٿي نڪري، اِها ٻي نشاني (هن لاءِ) آهي (٢٢). تہ توکي پنهنجن وڏين نشانين مان ڏيکاريون (٢٣) فرعون ڏانهن وڃ جو بيشڪ اُهو سرڪش ٿيو آهي (٢۴). (موسيٰ) چيو تہ اي منهنجا پالڻهار! مون لاءِ منهنجو سينو کول (٢٥). ۽ منهنجو ڪم مون لاءِ سولو ڪر (٢٦). ۽ منهنجي زبان جي ھبڪ لاھ (٢٧) تہ (اُهي) منهنجي ڳالھ سمجهن (٢٨) ۽ منهنجي گهر وارن منجهان مون لاءِ ڪو وزير مقرر ڪر (٢٩). (يعني) منهنجي ڀاءُ هارون کي (٣٠). اُن سان منهنجي طاقت مضبوط ڪر (٣١). ۽ منهنجي ڪم ۾ اُن کي ڀائيوار ڪر (٣٢). تہ تنهنجي گهڻي پاڪائي بيان ڪريون (٣٣). ۽ توکي گهڻو ياد ڪريون (٣۴). بيشڪ تون اسان جو حال ڏسندڙ آهين (٣٥). (الله) چيو تہ اي موسيٰ! بيشڪ (تو لاءِ) تنهنجو سوال قبول ڪيو ويو (٣٦). ۽ بيشڪ توتي هڪ ڀيرو (ٻيو بہ) احسان ڪيو سون (٣٧). جڏهن تنهنجي ماءُ ڏانهن اُهو الهام ڪيوسون جيڪو اِلهام ڪرڻو هو (٣٨).

اَنِ اقْذِفِیْهِ فِی التَّابُوْتِ فَاقْذِفِیْهِ فِی الْیَمِّ فَلْیُلْقِهِ الْیَمُّ
بِالسَّاحِلِ یَاْخُذْهُ عَدُوٌّ لِّیْ وَ عَدُوٌّ لَّهٗ ؕ وَ اَلْقَیْتُ عَلَیْكَ مَحَبَّةً
مِّنِّیْ ۚ۬ وَ لِتُصْنَعَ عَلٰی عَیْنِیْ ﴿۳۹﴾ اِذْ تَمْشِیْۤ اُخْتُكَ فَتَقُوْلُ هَلْ
اَدُلُّكُمْ عَلٰی مَنْ یَّكْفُلُهٗ ؕ فَرَجَعْنٰكَ اِلٰۤی اُمِّكَ كَیْ تَقَرَّ عَیْنُهَا
وَ لَا تَحْزَنَ ؕ۬ وَ قَتَلْتَ نَفْسًا فَنَجَّیْنٰكَ مِنَ الْغَمِّ وَ فَتَنّٰكَ
فُتُوْنًا ۫۬ فَلَبِثْتَ سِنِیْنَ فِیْۤ اَهْلِ مَدْیَنَ ۙ۬ ثُمَّ جِئْتَ عَلٰی قَدَرٍ
یّٰمُوْسٰی ﴿۴۰﴾ وَ اصْطَنَعْتُكَ لِنَفْسِیْ ﴿۴۱﴾ اِذْهَبْ اَنْتَ وَ اَخُوْكَ بِاٰیٰتِیْ
وَ لَا تَنِیَا فِیْ ذِكْرِیْ ﴿۴۲﴾ اِذْهَبَاۤ اِلٰی فِرْعَوْنَ اِنَّهٗ طَغٰی ﴿۴۳﴾ فَقُوْلَا لَهٗ
قَوْلًا لَّیِّنًا لَّعَلَّهٗ یَتَذَكَّرُ اَوْ یَخْشٰی ﴿۴۴﴾ قَالَا رَبَّنَاۤ اِنَّنَا نَخَافُ اَنْ
یَّفْرُطَ عَلَیْنَاۤ اَوْ اَنْ یَّطْغٰی ﴿۴۵﴾ قَالَ لَا تَخَافَاۤ اِنَّنِیْ مَعَكُمَاۤ اَسْمَعُ
وَ اَرٰی ﴿۴۶﴾ فَاْتِیٰهُ فَقُوْلَاۤ اِنَّا رَسُوْلَا رَبِّكَ فَاَرْسِلْ مَعَنَا بَنِیْۤ
اِسْرَآءِیْلَ ۙ۬ وَ لَا تُعَذِّبْهُمْ ؕ قَدْ جِئْنٰكَ بِاٰیَةٍ مِّنْ رَّبِّكَ ؕ وَ السَّلٰمُ
عَلٰی مَنِ اتَّبَعَ الْهُدٰی ﴿۴۷﴾ اِنَّا قَدْ اُوْحِیَ اِلَیْنَاۤ اَنَّ الْعَذَابَ عَلٰی مَنْ
كَذَّبَ وَ تَوَلّٰی ﴿۴۸﴾ قَالَ فَمَنْ رَّبُّكُمَا یٰمُوْسٰی ﴿۴۹﴾ قَالَ رَبُّنَا الَّذِیْۤ اَعْطٰی
كُلَّ شَیْءٍ خَلْقَهٗ ثُمَّ هَدٰی ﴿۵۰﴾ قَالَ فَمَا بَالُ الْقُرُوْنِ الْاُوْلٰی ﴿۵۱﴾

ته اُن (نينگر) کي صندوق ۾ وجهه پوءِ اُن کي درياءَ ۾ اُڇل ته درياءُ کيس
ڪپ تي اُڇليندو (۽) منهنجو ويري ۽ سندس ويري کيس وٺندو- ۽ پاڻ
وٽان توتي (اي موسيٰ) پيــار وڌم ۽ (گهريم) ته منهنجي اکين اڳيان
پلجين (٣٩). جڏهن تنهنجي ڀيڻ گهمي ٿي (تڏهن) چيائين ٿي ته جيڪو
اُن کي سنڀالي تنهن جو اوهان کي ڏس ڏيان؟ پوءِ توکي تنهنجي ماءُ ڏانهن
موٽايوسون ته اُن جا نيڻ ٺرن ۽ غمگين نه ٿئي ۽ هڪڙو ماڻهو ماريئه پوءِ
توکي ڏک کان ڇڏايوسون ۽ توکي پرکڻ طرح پرکيوسون- پوءِ مدين وارن
۾ ڪيترائي ورهيه رهئين وري اي مـوسيٰ! تون تـقـدير (الاهـيءَ) مطابق
آئين (٤٠). ۽ (اي موسيٰ!) توکي خاص پاڻ لاءِ بڻايم (٤١). تون ۽ تنهنجو
ڀاءُ منهنجين نشانين سميت (فرعون ڏانهن) وڃو ۽ منهنجي ياد ڪرڻ
۾ سستي نه ڪجو (٤٢). فرعــون ڏانهن وڃــو جو اُهــو سرڪــش ٿيو
آهي (٤٣). پوءِ اُن سان نرميءَ سان ڳالهائجو ته مانَ اُهو نصيحت وٺي يا
ڊڄي (٤٤). چيائون ته اي اسان جا پالڻهار! اسين ڊڄون ٿا ته متان اسان تي
زيادتي ڪري يا حد کان لنگهي (٤٥). (الله) چيو ته نه ڊڄو بيشڪ آءٌ
اوهان ساڻ گڏ آهيان ٻڌان ٿو ۽ ڏسان ٿو (٤٦). پوءِ وٽس وڃو ۽ چئو ته
اسين تنهنجي پالڻهار جا موڪليل آهيون پوءِ بني اسرائيلن کي اسان سان
(هلڻ جي) موڪل ڏي ۽ کين نه ڏکوءِ بيشڪ تو وٽ تنهنجي پالڻهار (جي
طرف) کان نشانيءَ سان آيا آهيون- ۽ جيڪو سڌي رستي تي هلي تنهن تي
سلامتي آهي (٤٧). بيشڪ اسان ڏانهن وحي موڪليو ويو آهي ته جيڪو
(الله جي حڪمن کي) ڪوڙ ڀانئي ۽ منهن موڙي تنهن تي عذاب (مقرر
ٿيل) آهي (٤٨). (فرعون) چيو ته پوءِ اي موسيٰ! اوهان جو رب ڪير
آهي؟ (٤٩). (موسيٰ) چيو ته اسان جو رب اُهو آهي جنهن هر شيءِ کي
سندس صورت بخشي وري هدايت ڪيائين (٥٠). (فرعون) چيو ته پهرين
قومن جو ڪهڙو حال آهي؟ (٥١).

قَالَ عِلْمُهَا عِنْدَ رَبِّيْ فِيْ كِتٰبٍ ۚ لَا يَضِلُّ رَبِّيْ وَلَا يَنْسَى ﴿٥٢﴾
الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ مَهْدًا وَّسَلَكَ لَكُمْ فِيْهَا سُبُلًا وَّ
اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً ۭ فَاَخْرَجْنَا بِهٖٓ اَزْوَاجًا مِّنْ نَّبَاتٍ شَتّٰى ﴿٥٣﴾
كُلُوْا وَارْعَوْا اَنْعَامَكُمْ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّاُولِي النُّهٰى ﴿٥٤﴾ مِنْهَا
خَلَقْنٰكُمْ وَفِيْهَا نُعِيْدُكُمْ وَمِنْهَا نُخْرِجُكُمْ تَارَةً اُخْرٰى ﴿٥٥﴾ وَلَقَدْ اَرَيْنٰهُ
اٰيٰتِنَا كُلَّهَا فَكَذَّبَ وَاَبٰى ﴿٥٦﴾ قَالَ اَجِئْتَنَا لِتُخْرِجَنَا مِنْ اَرْضِنَا
بِسِحْرِكَ يٰمُوْسٰى ﴿٥٧﴾ فَلَنَاْتِيَنَّكَ بِسِحْرٍ مِّثْلِهٖ فَاجْعَلْ بَيْنَنَا وَبَيْنَكَ
مَوْعِدًا لَّا نُخْلِفُهٗ نَحْنُ وَلَآ اَنْتَ مَكَانًا سُوًى ﴿٥٨﴾ قَالَ مَوْعِدُكُمْ
يَوْمُ الزِّيْنَةِ وَاَنْ يُّحْشَرَ النَّاسُ ضُحًى ﴿٥٩﴾ فَتَوَلّٰى فِرْعَوْنُ فَجَمَعَ
كَيْدَهٗ ثُمَّ اَتٰى ﴿٦٠﴾ قَالَ لَهُمْ مُّوْسٰى وَيْلَكُمْ لَا تَفْتَرُوْا عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا
فَيُسْحِتَكُمْ بِعَذَابٍ ۚ وَقَدْ خَابَ مَنِ افْتَرٰى ﴿٦١﴾ فَتَنَازَعُوْٓا اَمْرَهُمْ
بَيْنَهُمْ وَاَسَرُّوا النَّجْوٰى ﴿٦٢﴾ قَالُوْٓا اِنْ هٰذٰنِ لَسٰحِرٰنِ يُرِيْدٰنِ اَنْ
يُّخْرِجٰكُمْ مِّنْ اَرْضِكُمْ بِسِحْرِهِمَا وَيَذْهَبَا بِطَرِيْقَتِكُمُ الْمُثْلٰى ﴿٦٣﴾
فَاَجْمِعُوْا كَيْدَكُمْ ثُمَّ ائْتُوْا صَفًّا ۚ وَقَدْ اَفْلَحَ الْيَوْمَ مَنِ اسْتَعْلٰى ﴿٦٤﴾
قَالُوْا يٰمُوْسٰٓى اِمَّآ اَنْ تُلْقِيَ وَاِمَّآ اَنْ نَّكُوْنَ اَوَّلَ مَنْ اَلْقٰى ﴿٦٥﴾

(موسيٰ) چيو تہ اُنهن جي خبر منهنجي رب وٽ ڪتاب ۾ آهي، منهنجو رب نڪي ڀلندو آهي ۽ نڪي وساريندو آهي (٥٢). جنهن اوهان لاءِ زمين کي وڇاڻو بڻايو ۽ توهان لاءِ منجهس رستا جاري ڪيا ۽ آسمان کان پاڻي وسايو- پوءِ اُن سان هر جنس جا سلن مان جوڙا ڄمايا سون (٥٣). (چيوسون تہ) کائو ۽ پنهنجي ڍورن کي چاريو- بيشڪ اُن ۾ عقل وارن لاءِ نشانيون آهن (٥٤). ان (مٽيءَ) مان اُوهان کي خلقيوسون ۽ منجهس اوهان کي ورائينداسون ۽ منجهانئس اوهان کي ٻيو ڀيرو ڪڍنداسون (٥٥). ۽ بيشڪ اُن (فرعون) کي سڀيئي نشانيون ڏيکاريون سون پوءِ ڪوڙ ڀانيائين ۽ انڪار ڪيائين (٥٦). (فرعون) چيو تہ اي موسيٰ! اسان وٽ هن لاءِ آيو آهين ڇا تہ پنهنجي جادوءَ سان اسان جي ملڪ مان اسان کي لوڏين؟ (٥٧). پوءِ اسان بہ اهڙو ئي جادو تو وٽ ضرور آڻينداسون (جهڙو تون اسان کي ڏيکارين ٿو) تنهن ڪري اسان جي ۽ پنهنجي وچ ۾ اهڙو انجام (جو وقت) ڪنهن صاف پڌر ۾ مقرر ڪر جو ان کان نڪي تون ۽ نڪي اسين ڦرنتي ٿيون (٥٨). چيائين تہ اوهان جي انجام جو وقت جشن جو ڏينهن آهي ۽ ماڻهو ڏينهن چڙهئي گڏ ٿين (٥٩). پوءِ فرعون (گهر ڏانهن) موٽيو پوءِ پنهنجا ڦند گڏ ڪري وري آيو (٦٠). موسيٰ جادوگرن کي چيو تہ اوهان تي ويل هجي! الله تي ڪوڙو ناهہ نہ ناهيو نہ تہ اوهان جي ڪنهن آفت سان پاڙ پٽيندو، ۽ جنهن ناهہ ناهيو سو بيشڪ نامراد ٿيو (٦١). پوءِ پنهنجي ڪم بابت پاڻ ۾ گفتگو ڪيائون ۽ ڳجهيون صلاحون ڪيائون (٦٢). چيائون تہ هي ٻئي ضرور جادوگر آهن پنهنجي جادوءَ سان اوهان کي اوهان جي ملڪ مان لوڏڻ ۽ اوهان جي (جادوگريءَ واري) نرالي طريقي کي وڃائڻ گهرندا آهن (٦٣). تنهن ڪري پنهنجا جادوءَ (جا سامان) گڏ ڪريو وري قطار ٻڌي اچو، ۽ جيڪو اڄ مٿانهون ٿيو سو بيشڪ ڪامياب ٿيو (٦٤). چيائون تہ اي موسيٰ! (تون) اڇلينديں يا پهرين اسين (پنهنجو ڊارو) اُڇليون (٦٥).

قَالَ بَلْ اَلْقُوْا ۚ فَاِذَا حِبَالُهُمْ وَعِصِيُّهُمْ يُخَيَّلُ اِلَيْهِ مِنْ سِحْرِهِمْ
اَنَّهَا تَسْعٰى ﴿٦٦﴾ فَاَوْجَسَ فِيْ نَفْسِهٖ خِيْفَةً مُّوْسٰى ﴿٦٧﴾ قُلْنَا لَا تَخَفْ
اِنَّكَ اَنْتَ الْاَعْلٰى ﴿٦٨﴾ وَاَلْقِ مَا فِيْ يَمِيْنِكَ تَلْقَفْ مَا صَنَعُوْا ؕ اِنَّمَا
صَنَعُوْا كَيْدُ سٰحِرٍ ؕ وَلَا يُفْلِحُ السّٰحِرُ حَيْثُ اَتٰى ﴿٦٩﴾ فَاُلْقِيَ السَّحَرَةُ
سُجَّدًا قَالُوْۤا اٰمَنَّا بِرَبِّ هٰرُوْنَ وَمُوْسٰى ﴿٧٠﴾ قَالَ اٰمَنْتُمْ لَهٗ قَبْلَ
اَنْ اٰذَنَ لَكُمْ ؕ اِنَّهٗ لَكَبِيْرُكُمُ الَّذِيْ عَلَّمَكُمُ السِّحْرَ ۚ فَلَاُقَطِّعَنَّ
اَيْدِيَكُمْ وَاَرْجُلَكُمْ مِّنْ خِلَافٍ وَّلَاُوصَلِّبَنَّكُمْ فِيْ جُذُوْعِ النَّخْلِ ز
وَلَتَعْلَمُنَّ اَيُّنَاۤ اَشَدُّ عَذَابًا وَّاَبْقٰى ﴿٧١﴾ قَالُوْا لَنْ نُّؤْثِرَكَ عَلٰى مَا
جَآءَنَا مِنَ الْبَيِّنٰتِ وَالَّذِيْ فَطَرَنَا فَاقْضِ مَاۤ اَنْتَ قَاضٍ ؕ
اِنَّمَا تَقْضِيْ هٰذِهِ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ﴿٧٢﴾ ؕ اِنَّاۤ اٰمَنَّا بِرَبِّنَا لِيَغْفِرَ لَنَا
خَطٰيٰنَا وَمَاۤ اَكْرَهْتَنَا عَلَيْهِ مِنَ السِّحْرِ ؕ وَاللّٰهُ خَيْرٌ وَّاَبْقٰى ﴿٧٣﴾
اِنَّهٗ مَنْ يَّاْتِ رَبَّهٗ مُجْرِمًا فَاِنَّ لَهٗ جَهَنَّمَ ؕ لَا يَمُوْتُ فِيْهَا وَ
لَا يَحْيٰى ﴿٧٤﴾ وَمَنْ يَّاْتِهٖ مُؤْمِنًا قَدْ عَمِلَ الصّٰلِحٰتِ فَاُولٰٓئِكَ
لَهُمُ الدَّرَجٰتُ الْعُلٰى ﴿٧٥﴾ ۙ جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا
الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ وَذٰلِكَ جَزٰٓؤُا مَنْ تَزَكّٰى ﴿٧٦﴾ ع

(موسيٰ) چيو ته پلي (اوهين) اُڇليو، پوءِ اوچتو ئي سندن رسا ۽ سندن لٺيون جادوءَ (جي اثر) کان موسيٰ جي خيال ۾ آيو ته ڄڻڪ اُهي ڊوڙن ٿيون (٦٦). پوءِ موسيٰ پنهنجي دل ۾ ڪجهه ڊپ محسوس ڪيو (٦٧). چيوسون ته نه ڊڄ ڇوته تون ئي غالب آهين (٦٨). ۽ جيڪي تنهنجي سڄي هٿ ۾ آهي سو اڇل ته جيڪي بڻايائون سو ڳهي وڃي- جيڪي بڻايائون سو رڳو هڪ جادوگر جو فريب ئي آهي- ۽ جادوگر جتي ويندو اُتي ڪامياب نه ٿيندو (٦٩). پوءِ سڀ جادوگر سجدو ڪندڙ ٿي ڪري پيا چيائون ته موسيٰ ۽ هارون جي رب تي ايمان آندوسون (٧٠). (فرعون) چيو ته اوهان منهنجي موڪل ڏيڻ کان اڳ اُن تي ڇو ايمان آندو؟ بيشڪ اُهو اوهان جو ضرور وڏو (استاد) آهي جنهن اوهان کي جادو سيکاريو آهي، تنهن ڪري اوهان جا هٿ ۽ اهان جا پير اُبتا سبتا ضرور وڍيندس ۽ اوهان کي کجين جي ٿڙن ۾ ضرور سوريءَ چاڙهيندس ۽ ضرور ڄاڻندؤ ته ان مان ڪنهن جو عذاب وڌيڪ سخت ۽ گهڻي تائين رهڻ وارو آهي (٧١). چيائون ته چٽن دليلن مان جيڪي اسان وٽ آيا تن تي ۽ جنهن اسان کي پيدا ڪيو تنهن تي توکي ڪڏهن زيادتي نه ڏينداسون تنهن ڪري جيڪي تون ڪرڻ وارو آهين سو ڪر- (تون) رڳو دنيا جي هن حياتيءَ بابت فيصلو ڪندين (٧٢). بيشڪ اسان پنهنجي پالڻهار تي هن لاءِ ايمان آندو آهي ته اسان جون خطائون ۽ جنهن جادو ڪرڻ تي تو اسان کي زور ڪيو سو اسان کي بخشي- ۽ الله (سڀ کان) ڀلو ۽ سدائين رهڻ وارو آهي (٧٣). سچ آهي ته جيڪو پنهنجي پالڻهار وٽ ڏوهاري ٿي ايندو تنهن لاءِ بيشڪ دوزخ آهي- اُهو منجهس نڪي مرندو ۽ نڪي جيئندو (٧٤). ۽ جيڪي مؤمن ٿي چڱا ڪم ڪري وٽس ايندا سي اُهي آهن جن لاءِ وڏا مرتبا آهن (٧٥). سدائين رهڻ جا باغ، جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن منجهن سدائين رهڻ وارا آهن- ۽ جيڪو پاڪ ٿيو تنهن جو اِهو بدلو آهي (٧٦).

وَلَقَدْ اَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى ۙ اَنْ اَسْرِ بِعِبَادِيْ فَاضْرِبْ
لَهُمْ طَرِيْقًا فِي الْبَحْرِ يَبَسًا ۙ لَّا تَخٰفُ دَرَكًا وَّلَا تَخْشٰى ﴿٧٧﴾
فَاَتْبَعَهُمْ فِرْعَوْنُ بِجُنُوْدِهٖ فَغَشِيَهُمْ مِّنَ الْيَمِّ مَا غَشِيَهُمْ ﴿٧٨﴾ ط
وَاَضَلَّ فِرْعَوْنُ قَوْمَهٗ وَمَا هَدٰى ﴿٧٩﴾ يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ قَدْ
اَنْجَيْنٰكُمْ مِّنْ عَدُوِّكُمْ وَوٰعَدْنٰكُمْ جَانِبَ الطُّوْرِ الْاَيْمَنَ
وَنَزَّلْنَا عَلَيْكُمُ الْمَنَّ وَالسَّلْوٰى ﴿٨٠﴾ كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا
رَزَقْنٰكُمْ وَلَا تَطْغَوْا فِيْهِ فَيَحِلَّ عَلَيْكُمْ غَضَبِيْ ۚ وَمَنْ
يَّحْلِلْ عَلَيْهِ غَضَبِيْ فَقَدْ هَوٰى ﴿٨١﴾ وَاِنِّيْ لَغَفَّارٌ لِّمَنْ
تَابَ وَاٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا ثُمَّ اهْتَدٰى ﴿٨٢﴾ وَمَآ اَعْجَلَكَ
عَنْ قَوْمِكَ يٰمُوْسٰى ﴿٨٣﴾ قَالَ هُمْ اُولَآءِ عَلٰٓى اَثَرِيْ وَ
عَجِلْتُ اِلَيْكَ رَبِّ لِتَرْضٰى ﴿٨٤﴾ قَالَ فَاِنَّا قَدْ فَتَنَّا
قَوْمَكَ مِنْ بَعْدِكَ وَاَضَلَّهُمُ السَّامِرِيُّ ﴿٨٥﴾ فَرَجَعَ
مُوْسٰٓى اِلٰى قَوْمِهٖ غَضْبَانَ اَسِفًا ۚ قَالَ يٰقَوْمِ اَلَمْ يَعِدْكُمْ
رَبُّكُمْ وَعْدًا حَسَنًا ۬ اَفَطَالَ عَلَيْكُمُ الْعَهْدُ اَمْ اَرَدْتُّمْ اَنْ
يَّحِلَّ عَلَيْكُمْ غَضَبٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ فَاَخْلَفْتُمْ مَّوْعِدِيْ ﴿٨٦﴾

۽ بيشڪ موسيٰ ڏانهن وحي ڪيوسون ته راتو واهه منهنجي ٻانهن سميت نڪر پوءِ سمنڊ ۾ اُنهن لاءِ سڪي واٽ ٺاهي (دشمن کان) پڪڙجڻ جو پؤ نه ڪر ۽ نڪي (ٻڏڻ کان) ڊڄ (٧٧). پوءِ فرعون پنهنجي لشڪر سميت سندن پوئتان پيو پوءِ سمنڊ مان (پاڻي جو اُهو ڪُن) ڪين وري ويو جيڪو کين ورڻو هو (٧٨). ۽ فرعون پنهنجي قوم کي گمراهه ڪيو ۽ سڌي رستي نه لاتو (٧٩). اي بني اسرائيلؤ! بيشڪ اوهان کي اوهان جي دشمن کان بچايوسون ۽ طور (جبل) جي سڄي پاسي کان اوهان کي (توريت ڏيڻ جو) انجام ڪيوسون ۽ مَن ۽ سلويٰ اوهان تي لاٿاسون (٨٠). (۽ چيوسون ته) سٺين (شين) مان جيڪا اوهان جي روزي ڪئي سون سا کائو ۽ منجهس نافرماني نه ڪريو نه ته اوهان تي منهنجو ڏمر نازل ٿيندو، ۽ جنهن تي منهنجو ڏمر نازل ٿيو سو بيشڪ اُجڙيو (٨١). ۽ جنهن توبهه ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا وري سڌو رستو لڌائين تنهن کي بيشڪ آءٌ بخشيندڙ آهيان (٨٢). ۽ اي موسيٰ! ڪنهن توکي پنهنجي قوم کان (اڳ اچڻ جي) تڪڙ ڪرائي؟ (٨٣). چيائين ته اُهي اجهو منهنجي پوئتان آهن ۽ اي منهنجا پالڻهار! توڏانهن هن لاءِ تڪڙ ڪيم ته راضي ٿئين (٨٤). (الله) چيو ته اسان تنهنجي پويان تنهنجي قوم کي پرکيو ۽ کين سامريءَ گمراهه ڪيو (٨٥). پوءِ موسيٰ پنهنجي قوم ڏانهن ڪاوڙجي ارمان ۾ موٽيو- چيائين ته اي منهنجي قوم! اوهان جي پالڻهار اوهان کي چڱو انجام نه ڏنو هو ڇا؟ پوءِ اوهان تي مدو ڊگهو ٿي پيو ڇا يا پنهنجي پالڻهار جو ڏمر پاڻ تي نازل ٿيڻ گهريوَ؟ تنهن ڪري منهنجي انجام جي برخلافي ڪيوَ (٨٦).

قَالُوْا مَآ اَخْلَفْنَا مَوْعِدَكَ بِمَلْكِنَا وَلٰكِنَّا حُمِّلْنَآ اَوْزَارًا مِّنْ زِيْنَةِ
الْقَوْمِ فَقَذَفْنٰهَا فَكَذٰلِكَ اَلْقَى السَّامِرِيُّ ﴿٨٧﴾ فَاَخْرَجَ لَهُمْ عِجْلًا
جَسَدًا لَّهٗ خُوَارٌ فَقَالُوْا هٰذَآ اِلٰهُكُمْ وَاِلٰهُ مُوْسٰى ۬ فَنَسِيَ ؕ ﴿٨٨﴾ اَفَلَا
يَرَوْنَ اَلَّا يَرْجِعُ اِلَيْهِمْ قَوْلًا ۬ وَّلَا يَمْلِكُ لَهُمْ ضَرًّا وَّلَا نَفْعًا ﴿٨٩﴾
وَلَقَدْ قَالَ لَهُمْ هٰرُوْنُ مِنْ قَبْلُ يٰقَوْمِ اِنَّمَا فُتِنْتُمْ بِهٖ ۚ وَاِنَّ
رَبَّكُمُ الرَّحْمٰنُ فَاتَّبِعُوْنِيْ وَاَطِيْعُوْٓا اَمْرِيْ ﴿٩٠﴾ قَالُوْا لَنْ نَّبْرَحَ
عَلَيْهِ عٰكِفِيْنَ حَتّٰى يَرْجِعَ اِلَيْنَا مُوْسٰى ﴿٩١﴾ قَالَ يٰهٰرُوْنُ مَا
مَنَعَكَ اِذْ رَاَيْتَهُمْ ضَلُّوْٓا ﴿٩٢﴾ اَلَّا تَتَّبِعَنِ ؕ اَفَعَصَيْتَ اَمْرِيْ ﴿٩٣﴾
قَالَ يَبْنَؤُمَّ لَا تَاْخُذْ بِلِحْيَتِيْ وَلَا بِرَاْسِيْ ۚ اِنِّيْ خَشِيْتُ اَنْ
تَقُوْلَ فَرَّقْتَ بَيْنَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ وَلَمْ تَرْقُبْ قَوْلِيْ ﴿٩٤﴾ قَالَ
فَمَا خَطْبُكَ يٰسَامِرِيُّ ﴿٩٥﴾ قَالَ بَصُرْتُ بِمَا لَمْ يَبْصُرُوْا بِهٖ
فَقَبَضْتُ قَبْضَةً مِّنْ اَثَرِ الرَّسُوْلِ فَنَبَذْتُهَا وَكَذٰلِكَ سَوَّلَتْ
لِيْ نَفْسِيْ ﴿٩٦﴾ قَالَ فَاذْهَبْ فَاِنَّ لَكَ فِي الْحَيٰوةِ اَنْ تَقُوْلَ لَا
مِسَاسَ ۪ وَاِنَّ لَكَ مَوْعِدًا لَّنْ تُخْلَفَهٗ ۚ وَانْظُرْ اِلٰٓى اِلٰهِكَ الَّذِيْ
ظَلْتَ عَلَيْهِ عَاكِفًا ؕ لَنُحَرِّقَنَّهٗ ثُمَّ لَنَنْسِفَنَّهٗ فِي الْيَمِّ نَسْفًا ﴿٩٧﴾

چيائون ته پنهنجي وس کان تنهنجي انجام جي برخلافي نه ڪئي سون پر (فرعون جي) قوم جي زيورن مان بار کنيا هئاسون پوءِ اُهي اڇلاياسون ۽ اهڙي طرح سامريءَ (باهه ۾) وڌا (٨٧). پوءِ اُنهن لاءِ گابي جو بوتو (ٺاهي) ڪڍيائين جنهن ڪي رنڀ هئي پوءِ چيائين ته هيءَ اوهان جو معبود ۽ موسىٰ جو معبود آهي ۽ (موسىٰ) ڀلي ويو آهي (٨٨). نه ٿي ڏٺائون ڇا ته (اُهو) اُنهن کي ورندي ورائي نه ٿو ڏئي ۽ کين نه ڪي ڏک ۽ نڪي سک ڏيئي سگهي ٿو؟ (٨٩). ۽ بيشڪ هارون اڳ ئي کين چيو هو ته اي منهنجي قوم! اوهين اُن (گابي) سان پرکيا ويا آهيو، ۽ بيشڪ اوهان جو پالڻهار ٻاجهارو (الله) آهي تنهن ڪري منهنجي تابعداري ڪريو ۽ منهنجو حڪم مڃيو (٩٠). چيائون ته (اسين ايسين) مٿس مجاور رهنداسون جيسين موسىٰ اسان ڏانهن موٽي (٩١). (موسىٰ اچي) چيو ته اي هارون! توکي ڪنهن جهليو جڏهن کين گمراهه ٿيندو ڏٺيءِ؟ (٩٢). ته منهنجي پٺيان نه لڳين. منهنجي حڪم جي ڇو نافرماني ڪيئه؟ (٩٣). هارون چيو ته اي ادا! نڪي مون کي ڏاڙهيءَ کان وٺ ۽ نڪي منهنجي مٿي کان، آءٌ (هن ڳالهه کان) ڊنس ته متان چوين ته يعقوب جي اولاد جي وچ ۾ جدائي وڌئي ۽ منهنجي چوڻ جي نگاهه نه رکيئه (٩٤). موسىٰ چيو ته اي سامري! تنهنجو ڇا معاملو آهي؟ (٩٥). چيائين ته اُها (شيءِ) ڏٺم جا (ماڻهن) نه ڏٺي پوءِ ان قاصد (ملائڪ) جي پيرن جي (مٽيءَ جي) هڪ مٺ ڀريم پوءِ اُها (گابي جي بوتي ۾) وڌم ۽ اهڙي طرح منهنجي نفس (اُهو) مون لاءِ سينگاريو (٩٦). (موسىٰ) چيو ته وڃ! بيشڪ توکي حياتي ۾ (هي سزا) آهي ته چوندو رهندين ته: نه ڇُهو، ۽ تو لاءِ بيشڪ (ٻيو به) انجام آهي جنهن جي توسان برخلافي نه ڪبي، ۽ پنهنجي معبود ڏانهن نهار جنهن تي مجاور ٿي وينو هئين. اسين اُن کي ضرور ساڙينداسون وري اُن (جي ڪيريءَ) کي درياءَ ۾ کنڊائڻ وانگر کِنڊائينداسين (٩٧).

إِنَّمَآ إِلٰهُكُمُ اللّٰهُ الَّذِىْ لَآ إِلٰهَ إِلَّا هُوَ ۭ وَسِعَ كُلَّ شَىْءٍ عِلْمًا ﴿٩٨﴾ كَذٰلِكَ
نَقُصُّ عَلَيْكَ مِنْ أَنۢبَآءِ مَا قَدْ سَبَقَ ۚ وَقَدْ اٰتَيْنٰكَ مِنْ لَّدُنَّا
ذِكْرًا ﴿٩٩﴾ مَنْ أَعْرَضَ عَنْهُ فَإِنَّهٗ يَحْمِلُ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وِزْرًا ﴿١٠٠﴾ خٰلِدِيْنَ
فِيْهِ ۭ وَسَآءَ لَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ حِمْلًا ﴿١٠١﴾ يَّوْمَ يُنْفَخُ فِى الصُّوْرِ وَنَحْشُرُ
الْمُجْرِمِيْنَ يَوْمَئِذٍ زُرْقًا ﴿١٠٢﴾ يَّتَخَافَتُوْنَ بَيْنَهُمْ إِنْ لَّبِثْتُمْ إِلَّا
عَشْرًا ﴿١٠٣﴾ نَحْنُ أَعْلَمُ بِمَا يَقُوْلُوْنَ إِذْ يَقُوْلُ أَمْثَلُهُمْ طَرِيْقَةً إِنْ
لَّبِثْتُمْ إِلَّا يَوْمًا ﴿١٠٤﴾ وَيَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْجِبَالِ فَقُلْ يَنْسِفُهَا رَبِّىْ نَسْفًا ﴿١٠٥﴾
فَيَذَرُهَا قَاعًا صَفْصَفًا ﴿١٠٦﴾ لَّا تَرٰى فِيْهَا عِوَجًا وَّلَآ أَمْتًا ﴿١٠٧﴾ يَوْمَئِذٍ
يَّتَّبِعُوْنَ الدَّاعِىَ لَا عِوَجَ لَهٗ ۚ وَخَشَعَتِ الْأَصْوَاتُ لِلرَّحْمٰنِ
فَلَا تَسْمَعُ إِلَّا هَمْسًا ﴿١٠٨﴾ يَوْمَئِذٍ لَّا تَنْفَعُ الشَّفَاعَةُ إِلَّا مَنْ أَذِنَ
لَهُ الرَّحْمٰنُ وَرَضِىَ لَهٗ قَوْلًا ﴿١٠٩﴾ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ أَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ
وَلَا يُحِيْطُوْنَ بِهٖ عِلْمًا ﴿١١٠﴾ وَعَنَتِ الْوُجُوْهُ لِلْحَىِّ الْقَيُّوْمِ ۭ وَقَدْ
خَابَ مَنْ حَمَلَ ظُلْمًا ﴿١١١﴾ وَمَنْ يَّعْمَلْ مِنَ الصّٰلِحٰتِ وَهُوَ مُؤْمِنٌ
فَلَا يَخٰفُ ظُلْمًا وَّلَا هَضْمًا ﴿١١٢﴾ وَكَذٰلِكَ أَنْزَلْنٰهُ قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا وَّ
صَرَّفْنَا فِيْهِ مِنَ الْوَعِيْدِ لَعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ أَوْ يُحْدِثُ لَهُمْ ذِكْرًا ﴿١١٣﴾

اوهان جو معبود الله ئي آهي اُنهي کان سواءِ ٻيو ڪو عبادت جو لائق نہ آهي- سڀ ڪا شيءِ (سندس) علم ۾ سمائي آهي (٩٨). (اي پيغمبر!) اهڙي طرح جيڪي گذري ويا تن جي خبرن مان توتي بيان ڪريون ٿا ۽ پاڻ وٽان توکي نصيحت (يعني قرآن) ڏنوسون (٩٩). جيڪو ڪانئس منهن موڙيندو سو قيامت جي ڏينهن (گناهن جو) بار کڻندو (١٠٠). منجهس سدائين رهڻ وارا آهن- ۽ قيامت جي ڏينهن اُنهن کي بار کڻڻ بڇڙو آهي (١٠١). جنهن ڏينهن صور ۾ ڦوڪيو ويندو ۽ اُن ڏينهن ڏوهارين کي جهرو ڪري اُٿاريندا سون (١٠٢). (تنهن ڏينهن) پاڻ ۾ سُس پُس ڪندا تہ اوهين (دنيا ۾) رڳو ڏهاڪو ڏينهن رهيؤ (١٠٣). جيڪي چوندا سو اسين چڱو ڄاڻندڙ آهيون اُن مهل منجهانئن صحيح طريقي وارو چوندو تہ هڪ ڏينهن کان سواءِ نہ رهيا آهيو (١٠٤). ۽ (اي پيغمبر!) جبلن بابت توکان پڇن ٿا چؤ تہ منهنجو پالڻهار اُنهن کي اُڏائي ڪِنڊائيندو (١٠٥). پوءِ اُن (هنڌ) کي صاف ميدان ڪري ڇڏيندو (١٠٦). منجهس نڪي هيٺاهين ۽ نڪي مٿاهين ڏسندين (١٠٧). اُن ڏينهن سڏيندڙ جي پوئتان لڳندا جنهن کي ڪا ڏنگائي نہ هوندي، ۽ سڀ آواز الله لاءِ جهڪا ٿيندا پوءِ پِٽڪ کان سواءِ ڪجھ نہ ٻڌندين (١٠٨). جنهن کي الله موڪل ڏني ۽ اُن جي چوڻ کان راضي ٿيو تنهن کان سواءِ اُن ڏينهن ڪا سفارش فائدو نہ ڏيندي (١٠٩). جيڪي سندن اڳتان ۽ جيڪي سندن پوئتان آهي سو (الله) ڄاڻندو آهي ۽ (ماڻهو) ڪيس سندن علم سان نٿا ڄاڻي سگهن (١١٠). ۽ سڀ چهرا سدائين جيئري، (جڳ کي) قائم رکندڙ لاءِ عاجزي ڪندڙ آهن- ۽ جنهن ظلم (جو بار) کنيو سو بيشڪ نامراد ٿيو (١١١). ۽ جيڪو چڱا ڪم ڪندو ۽ اُهو مؤمن (بہ) هوندو سو نڪي ظلم کان ۽ نڪي نقصان کان ڊڄندو (١١٢). ۽ اهڙي طرح اهو عربي قرآن لاٿو سون ۽ منجهس طرحين طرحين دڙڪا بيان ڪياسون تہ مانَ اُهي ڊڄن يا (اُهو) انهن لاءِ ڪا نصيحت پيدا ڪري (١١٣).

فَتَعٰلَى اللّٰهُ الْمَلِكُ الْحَقُّ ۚ وَلَا تَعْجَلْ بِالْقُرْاٰنِ مِنْ قَبْلِ اَنْ

يُّقْضٰۤى اِلَيْكَ وَحْيُهٗ ۫ وَقُلْ رَّبِّ زِدْنِيْ عِلْمًا ﴿١١٤﴾ وَلَقَدْ عَهِدْنَاۤ

اِلٰۤى اٰدَمَ مِنْ قَبْلُ فَنَسِيَ وَلَمْ نَجِدْ لَهٗ عَزْمًا ﴿١١٥﴾ وَاِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ

اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْۤا اِلَّاۤ اِبْلِيْسَ ؕ اَبٰى ﴿١١٦﴾ فَقُلْنَا يٰۤاٰدَمُ اِنَّ هٰذَا

عَدُوٌّ لَّكَ وَلِزَوْجِكَ فَلَا يُخْرِجَنَّكُمَا مِنَ الْجَنَّةِ فَتَشْقٰى ﴿١١٧﴾ اِنَّ

لَكَ اَلَّا تَجُوْعَ فِيْهَا وَلَا تَعْرٰى ﴿١١٨﴾ وَاَنَّكَ لَا تَظْمَؤُا فِيْهَا وَلَا تَضْحٰى ﴿١١٩﴾

فَوَسْوَسَ اِلَيْهِ الشَّيْطٰنُ قَالَ يٰۤاٰدَمُ هَلْ اَدُلُّكَ عَلٰى شَجَرَةِ

الْخُلْدِ وَمُلْكٍ لَّا يَبْلٰى ﴿١٢٠﴾ فَاَكَلَا مِنْهَا فَبَدَتْ لَهُمَا سَوْاٰتُهُمَا

وَطَفِقَا يَخْصِفٰنِ عَلَيْهِمَا مِنْ وَّرَقِ الْجَنَّةِ ۫ وَعَصٰۤى اٰدَمُ رَبَّهٗ

فَغَوٰى ﴿١٢١﴾ ۖ ثُمَّ اجْتَبٰهُ رَبُّهٗ فَتَابَ عَلَيْهِ وَهَدٰى ﴿١٢٢﴾ قَالَ اهْبِطَا

مِنْهَا جَمِيْعًا بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ ۚ فَاِمَّا يَاْتِيَنَّكُمْ مِّنِّيْ هُدًى ۙ۬

فَمَنِ اتَّبَعَ هُدَايَ فَلَا يَضِلُّ وَلَا يَشْقٰى ﴿١٢٣﴾ وَمَنْ اَعْرَضَ

عَنْ ذِكْرِيْ فَاِنَّ لَهٗ مَعِيْشَةً ضَنْكًا وَّنَحْشُرُهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ

اَعْمٰى ﴿١٢٤﴾ قَالَ رَبِّ لِمَ حَشَرْتَنِيْۤ اَعْمٰى وَقَدْ كُنْتُ بَصِيْرًا ﴿١٢٥﴾

قَالَ كَذٰلِكَ اَتَتْكَ اٰيٰتُنَا فَنَسِيْتَهَا ۚ وَكَذٰلِكَ الْيَوْمَ تُنْسٰى ﴿١٢٦﴾

پوءِ الله سچو بادشاھ مٿاهون آهي، ۽ قرآن (جي پڙهڻ) ۾ اُن کان اڳ جو، تو ڏانهن اُن جو لهڻ پورو ڪجي تڪڙ نہ ڪر ۽ چؤ تہ اي منهنجا پالڻھار! مونکي علم ۾ وڌاءِ (١١٤). ۽ بيشڪ آدم کي اڳ حڪم ڪيو هيوسون پوءِ وساريائين ۽ سندس ڪا پڪي نيت نہ لڌي سون (١١٥). ۽ (ياد ڪر) جڏهن ملائڪن کي چيوسون تہ آدم کي سجدو ڪريو پوءِ ابليس کان سواءِ سڀني سجدو ڪيو۔ اُن انڪار ڪيو (١١٦). پوءِ چيوسون تہ اي آدم! هيءُ تنهنجو ۽ تنهنجي زال جو ويري آهي متان اوهان کي بهشت مان ڪڍي تہ ڏکيا ٿيو (١١٧). بيشڪ تو لاءِ (هي آهي تہ) منجهس نڪي بک لڳندئي ۽ نڪي اُگهاڙو ٿيندين (١١٨). ۽ پڪ تون منجهس نڪي اُجو ٿيندي ۽ نڪي اُس لڳندئي (١١٩). پوءِ کيس شيطان وسوسو ڏنو چيائين تہ اي آدم! سدائين رهڻ جي وڻ جو ۽ سدائين رهڻ واري بادشاهيءَ جو توکي ڏس ڏيان؟ (١٢٠). پوءِ منجهانئس ٻنهين کاڌو تنهن ڪري اُنهن کي سندين اُگهڙ ظاهر ٿي ۽ بهشت (جي وڻ) جا پن پاڻ تي ويڙهڻ لڳا ۽ آدم پنهنجي پالڻھار جي نافرماني ڪئي تنهن ڪري ڀٽڪي ويو (١٢١). وري سندس پالڻھار کيس چونڊيو پوءِ مٿس ٻاجھ سان موٽيو ۽ (کيس) سڌي رستي لاتائين (١٢٢). چيائين تہ منجهانئس ٻئي گڏ لهي وڃو اوهان مان ڪي ڪن جا ويري ٿيندا، پوءِ جڏهن اوهان وٽ منهنجي هدايت اچي تڏهن جنهن منهنجي تابعداري ڪئي سو گمراھ نہ ٿيندو ۽ نڪي بدبخت ٿيندو (١٢٣). ۽ جيڪو منهنجي ياد ڪرڻ کان منهن موڙيندو تنهن لاءِ بيشڪ حياتي اَهنجي ٿيندي ۽ قيامت جي ڏينهن کيس اَنڌو ڪري اُٿاريندا سون (١٢٤). چوندو اي منهنجا پالڻھار! مون کي اَنڌو ڪري ڇو اُٿاريئہ ۽ بيشڪ (اڳي) سڄو هوس (١٢٥). (الله) چوندو تہ ائين آهي. تو وٽ اسان جيون آيتون آيون پوءِ کين وساريئہ، ۽ اهڙي طرح اڄ وساربين (١٢٦).

وَكَذٰلِكَ نَجْزِيْ مَنْ اَسْرَفَ وَلَمْ يُؤْمِنْ بِاٰيٰتِ رَبِّهٖ ؕ وَلَعَذَابُ
الْاٰخِرَةِ اَشَدُّ وَاَبْقٰى ﴿١٢٧﴾ اَفَلَمْ يَهْدِ لَهُمْ كَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنَ
الْقُرُوْنِ يَمْشُوْنَ فِيْ مَسٰكِنِهِمْ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّاُولِي النُّهٰى ﴿١٢٨﴾ ع
وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ لَكَانَ لِزَامًا وَّاَجَلٌ مُّسَمًّى ﴿١٢٩﴾ ط
فَاصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ قَبْلَ طُلُوْعِ الشَّمْسِ
وَقَبْلَ غُرُوْبِهَا ۚ وَمِنْ اٰنَآئِ الَّيْلِ فَسَبِّحْ وَاَطْرَافَ النَّهَارِ
لَعَلَّكَ تَرْضٰى ﴿١٣٠﴾ وَلَا تَمُدَّنَّ عَيْنَيْكَ اِلٰى مَا مَتَّعْنَا بِهٖۤ اَزْوَاجًا
مِّنْهُمْ زَهْرَةَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۙ لِنَفْتِنَهُمْ فِيْهِ ؕ وَرِزْقُ رَبِّكَ
خَيْرٌ وَّاَبْقٰى ﴿١٣١﴾ وَاْمُرْ اَهْلَكَ بِالصَّلٰوةِ وَاصْطَبِرْ عَلَيْهَا ؕ لَا
نَسْئَلُكَ رِزْقًا ؕ نَحْنُ نَرْزُقُكَ ؕ وَالْعَاقِبَةُ لِلتَّقْوٰى ﴿١٣٢﴾ وَقَالُوْا
لَوْلَا يَاْتِيْنَا بِاٰيَةٍ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ اَوَلَمْ تَاْتِهِمْ بَيِّنَةُ مَا فِي الصُّحُفِ
الْاُوْلٰى ﴿١٣٣﴾ وَلَوْ اَنَّآ اَهْلَكْنٰهُمْ بِعَذَابٍ مِّنْ قَبْلِهٖ لَقَالُوْا
رَبَّنَا لَوْلَآ اَرْسَلْتَ اِلَيْنَا رَسُوْلًا فَنَتَّبِعَ اٰيٰتِكَ مِنْ قَبْلِ
اَنْ نَّذِلَّ وَنَخْزٰى ﴿١٣٤﴾ قُلْ كُلٌّ مُّتَرَبِّصٌ فَتَرَبَّصُوْا ۚ
فَسَتَعْلَمُوْنَ مَنْ اَصْحٰبُ الصِّرَاطِ السَّوِيِّ وَمَنِ اهْتَدٰى ﴿١٣٥﴾ ع

۽ اهڙي طرح انهي کي سزا ڏينداسون جيڪو حد کان لنگهيو ۽ پنهنجي پالڻهار جي نشانين کي نہ مڃيائين۔ ۽ آخرت جو عذاب ڏاڍو سخت ۽ جٽادار آهي (١٢٧). (هن ڳالھ) کين سڌو رستو نہ ڏيکاريو ڇا تہ کائن اڳ ڪيترائي جڳ ناس ڪياسون جن جي جاين ۾ گھمندا آهن؟ بيشڪ اُن ۾ ڏيان وارن لاءِ نشانيون آهن (١٢٨). ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن تنهنجي پالڻهار جو حڪم اڳاتو نہ ٿئي ها ۽ (پڻ) مدت مقرر ٿيل نہ هجي ها تہ ضرور (عذاب) لازم ٿئي ها (١٢٩). پوءِ جيڪي چوندا آهن تنهن تي صبر ڪر ۽ سج اُبرڻ کان اڳ ۽ ان جي لهڻ کان اڳ پنهنجي پالڻهار جي پاڪائي ساراه سان گڏ بيان ڪر ۽ رات جي (پهرين) گھڙين ۾ ۽ ڪجھ گهڙيون ڏينهن جون پاڪائي بيان ڪر تہ مانَ تون خوش ٿئين (١٣٠). ۽ (اي پيغمبر!) تون پنهنجين اکين کي ان ڏانهن نہ کول جنهن سان منجهائن (ڪافرن جي) ٽولين کي دنيا جي حياتيءَ جي سينگار سان هن لاءِ آسودو ڪيوسون تہ منجهس کين پرکيون۔ ۽ تنهنجي پالڻهار جو رزق ڀلو ۽ سدائين (رهڻ) وارو آهي (١٣١). ۽ پنهنجي گھر وارن کي نماز جو حڪم ڪر ۽ مٿس صبر ڪر (يعني قائم رھ) تو کان رزق نہ گهرندا آهيون۔ اسين توکي روزي ڏيندا آهيون۔ ۽ چڱي عاقبت پرهيزگارن لاءِ آهي (١٣٢). ۽ چون ٿا تہ اسان وٽ پنهنجي پالڻهار جي ڪا نشاني ڇو نہ آڻيندو آهي؟ جيڪي پهرين صحيفن ۾ آهي سي نشانيون وٽن نہ آيون آهن ڇا؟ (١٣٣). ۽ جيڪڏهن اسين کين هن (پيغمبر موڪلڻ) کان اڳ عذاب سان ناس ڪريون ها تہ ضرور چون ها تہ اي اسان جا پالڻهار! اسان ڏانهن پيغمبر ڇو نہ موڪليئہ تہ پنهنجي ذليل ٿيڻ ۽ خوار هجڻ کان اڳ تنهنجي آيتن جي تابعداري ڪريون ها! (١٣٤). (اي پيغمبر!) چؤ تہ سڀ ڪو منتظر آهي پوءِ (اوهين بہ) منتظر رهو، پوءِ سگهو ئي ڄاڻندؤ تہ سڌيءَ واٽ وارا ڪير آهن ۽ هدايت وارو ڪير ٿيو؟ (١٣٥).

## سُوْرَةُ الْأَنْبِيَاءِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اِقْتَرَبَ لِلنَّاسِ حِسَابُهُمْ وَهُمْ فِيْ غَفْلَةٍ
مُّعْرِضُوْنَ ﴿١﴾ مَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ ذِكْرٍ مِّنْ رَّبِّهِمْ مُّحْدَثٍ اِلَّا اسْتَمَعُوْهُ
وَهُمْ يَلْعَبُوْنَ ﴿٢﴾ لَاهِيَةً قُلُوْبُهُمْ ۭ وَاَسَرُّوا النَّجْوَى ۤ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ۤ
هَلْ هٰذَآ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ ۚ اَفَتَاْتُوْنَ السِّحْرَ وَاَنْتُمْ تُبْصِرُوْنَ ﴿٣﴾
قٰلَ رَبِّيْ يَعْلَمُ الْقَوْلَ فِي السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ ۡ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٤﴾
بَلْ قَالُوْٓا اَضْغَاثُ اَحْلَامٍۭ بَلِ افْتَرٰىهُ بَلْ هُوَ شَاعِرٌ ۚ فَلْيَاْتِنَا
بِاٰيَةٍ كَمَآ اُرْسِلَ الْاَوَّلُوْنَ ﴿٥﴾ مَآ اٰمَنَتْ قَبْلَهُمْ مِّنْ قَرْيَةٍ اَهْلَكْنٰهَا ۚ
اَفَهُمْ يُؤْمِنُوْنَ ﴿٦﴾ وَمَآ اَرْسَلْنَا قَبْلَكَ اِلَّا رِجَالًا نُّوْحِيْٓ اِلَيْهِمْ
فَسْــَٔــلُوْٓا اَهْلَ الذِّكْرِ اِنْ كُنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٧﴾ وَمَا جَعَلْنٰهُمْ
جَسَدًا لَّا يَاْكُلُوْنَ الطَّعَامَ وَمَا كَانُوْا خٰلِدِيْنَ ﴿٨﴾ ثُمَّ صَدَقْنٰهُمُ
الْوَعْدَ فَاَنْجَيْنٰهُمْ وَمَنْ نَّشَاۗءُ وَاَهْلَكْنَا الْمُسْرِفِيْنَ ﴿٩﴾ لَقَدْ
اَنْزَلْنَآ اِلَيْكُمْ كِتٰبًا فِيْهِ ذِكْرُكُمْ ۭ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿١٠﴾ وَكَمْ قَصَمْنَا
مِنْ قَرْيَةٍ كَانَتْ ظَالِمَةً وَّاَنْشَاْنَا بَعْدَهَا قَوْمًا اٰخَرِيْنَ ﴿١١﴾

سورة انبياء مڪي آهي ۽ هيءَ هڪ سؤ
ٻارهن آيتون ۽ ست رڪوع آهي

اللہ ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

ماڻهن لاءِ سندن حساب ويجهو ٿيو آهي ۽ اُهي غفلت ۾ (رهي ڪانئس) منهن موڙيندڙ آهن! (١). سندن پالڻهار وٽان ڪا نئين نصيحت وٽن نہ ايندي آهي پر اُن کي (ٿنولي وانگر راند) ڪيڏنـدي ٻڌندا آهن (٢). سندن دليون وائڙيون آهن- ۽ ظالم ڳجهيون صلاحون ڪندا آهن تہ هي (پيغمبر) اوهان جهڙو ئي ماڻهو آهي، ۽ اوهين ڏسي وائسي جادوءَ کي ڇو ويجها ويندا آهيو؟ (٣). (پيغمبر) چيو تہ منهنجو پالڻهار سڀ ڳالهہ ڄاڻندو آهي (جا) آسمان ۽ زمين ۾ (جتي هجي) ۽ اُهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (۴). بلڪ چيائون تہ (اُهو قرآن) اجايا خيالات آهن بلڪ اُن کي ٺاهہ ٺاهيو اٿس بلڪ اُهو شاعر آهي، پوءِ جڳائي تہ اسان وٽ ڪا نشاني آڻي جهڙي طرح پهريان (پيغمبر) موڪليا ويا هئا (٥). (هائو!) ڪو بہ ڳوٺ جنهن کي اڳ ناس ڪيوسون تنهن (جي رهاڪن پنهنجن پيغمبرن تي) ايمان نہ آندو هو، پوءِ هي ايمان آڻيندا ڇا؟ (٦). ۽ (اي پيغمبر!) توکان اڳ رڳا مرد پيغمبر موڪلياسون جن ڏانهن وحي ڪيو هيوسون (ڇؤ تہ) جيڪڏهن نہ ڄاڻندا آهيو تہ علم وارن کان پڇو (٧). ۽ اُنهن (پيغمبرن) جو اهڙو جسو نہ بڻايوسون جو طعام نہ کائنئن ۽ نہ سدائين رهڻ وارا هئا (٨). وري ساڻن (پنهنجي) انجام کي سچو ڪيوسون پوءِ اُنهن کي ۽ جنهن لاءِ گهريوسون تنهن کي بچايوسون ۽ حد کان لنگهندڙن کي ناس ڪيوسون (٩). بيشڪ اوهان ڏانهن هڪ ڪتاب نازل ڪيوسون جنهن ۾ اوهان لاءِ نصيحت آهي- پوءِ ڇو نہ سمجهندا آهيو؟ (١٠). ۽ ڪيترائي ڳوٺ جو اُهي ظالم هئا ويران ڪياسون ۽ کانئن پوءِ ٻيون قومون پيدا ڪيون سون (١١).

فَلَمَّآ اَحَسُّوۡا بَاۡسَنَآ اِذَا هُمۡ مِّنۡهَا يَرۡكُضُوۡنَؕ ﴿۱۲﴾ لَا تَرۡكُضُوۡا وَ
ارۡجِعُوۡۤا اِلٰى مَاۤ اُتۡرِفۡتُمۡ فِيۡهِ وَمَسٰكِنِكُمۡ لَعَلَّكُمۡ تُسۡـَٔلُوۡنَ ﴿۱۳﴾
قَالُوۡا يٰوَيۡلَنَاۤ اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيۡنَ ﴿۱۴﴾ فَمَا زَالَتۡ تِّلۡكَ دَعۡوٰٮهُمۡ حَتّٰى
جَعَلۡنٰهُمۡ حَصِيۡدًا خٰمِدِيۡنَ ﴿۱۵﴾ وَمَا خَلَقۡنَا السَّمَآءَ وَالۡاَرۡضَ
وَمَا بَيۡنَهُمَا لٰعِبِيۡنَ ﴿۱۶﴾ لَوۡ اَرَدۡنَاۤ اَنۡ نَّتَّخِذَ لَهۡوًا لَّاتَّخَذۡنٰهُ
مِنۡ لَّدُنَّاۤ ۖ اِنۡ كُنَّا فٰعِلِيۡنَ ﴿۱۷﴾ بَلۡ نَقۡذِفُ بِالۡحَـقِّ عَلَى الۡبَاطِلِ
فَيَدۡمَغُهٗ فَاِذَا هُوَ زَاهِقٌ ؕ وَلَـكُمُ الۡوَيۡلُ مِمَّا تَصِفُوۡنَ ﴿۱۸﴾
وَلَهٗ مَنۡ فِى السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ؕ وَمَنۡ عِنۡدَهٗ لَا يَسۡتَكۡبِرُوۡنَ
عَنۡ عِبَادَتِهٖ وَلَا يَسۡتَحۡسِرُوۡنَ ۚ ﴿۱۹﴾ يُسَبِّحُوۡنَ الَّيۡلَ وَالنَّهَارَ
لَا يَفۡتُرُوۡنَ ﴿۲۰﴾ اَمِ اتَّخَذُوۡۤا اٰلِهَةً مِّنَ الۡاَرۡضِ هُمۡ يُنۡشِرُوۡنَ ﴿۲۱﴾
لَوۡ كَانَ فِيۡهِمَاۤ اٰلِهَةٌ اِلَّا اللّٰهُ لَفَسَدَتَا ۚ فَسُبۡحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ
الۡعَرۡشِ عَمَّا يَصِفُوۡنَ ﴿۲۲﴾ لَا يُسۡـَٔلُ عَمَّا يَفۡعَلُ وَهُمۡ
يُسۡـَٔلُوۡنَ ﴿۲۳﴾ اَمِ اتَّخَذُوۡا مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اٰلِهَةً ؕ قُلۡ هَاتُوۡا
بُرۡهَانَكُمۡ ۚ هٰذَا ذِكۡرُ مَنۡ مَّعِىَ وَذِكۡرُ مَنۡ قَبۡلِىۡ ؕ
بَلۡ اَكۡثَرُهُمۡ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ۙ الۡحَـقَّ فَهُمۡ مُّعۡرِضُوۡنَ ﴿۲۴﴾

پوءِ جنھن دم اسان جو عذاب محسوس ڪيائون (تنھن دم) اُمالڪ اُتاھون اُھي ڀڳا ٿي (١٢). (چيوسون ته) نه ڀڄو ۽ جن (نعمتن) ۾ سکيا ھيؤ تن ڏانھن ۽ پنھنجن گھرن ڏانھن موٽو ته مانَ اوھان کان پڇيو وڃي (١٣). چوندا رھيا ته اسان لاءِ ويل آھي بيشڪ اسين ظالم ھئاسون! (١۴). پوءِ سدائين سندن اھو پڪارڻ ھو تانجو کين لٽيل (۽) وسانيل ڪيوسون (١٥). ۽ آسمان ۽ زمين کي ۽ جيڪي سندن وچ ۾ آھي سا ڪا اسان راند نه بڻائي آھي (١٦). جيڪڏھن اسان کي راند بڻائڻ (يعني ٻارن ٻچن) جو ڪو ارادو ھجي ھا ته ضرور اُن کي پاڻ وٽان وٺون ھا (يعني پاڻ جھڙا ڪريون ھا) جيڪڏھن ڪندڙ ھجون ھا! (پر اسين ائين ڪندڙ نه آھيون) (١٧). بلڪ سچ کي ڪوڙ تي اُڇليندا آھيون پوءِ اُھو سندس مٿو ڀڃندو آھي پوءِ اُنھي مھل اُھو (ڪوڙ) چٽ ٿيندڙ آھي۔ ۽ جيڪي (الله جون) وصفون اوھين بيان ڪندا آھيو تنھن سببان اوھان لاءِ خرابي آھي (١٨). ۽ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آھي سو الله جو آھي۔ ۽ جيڪي وٽس آھن سي سندس عبادت کان وڏائي نه ڪندا آھن ۽ نڪي ٿڪبا آھن (١٩). (اُھي) رات ۽ ڏينھن جو پاڪائي بيان ڪندا آھن سست نه ٿيندا آھن (٢٠). زمين (جي شين) مان اھڙا معبود ورتا اٿن ڇا جو اُھي (مُئي کان پوءِ کين) کڙو ڪندا؟ (٢١). جيڪڏھن آسمان ۽ زمين ۾ الله کان سواءِ (گھڻا) معبود ھجن ھا ته (آسمان ۽ زمين) ٻئي اُجڙن ھا! پوءِ (ڪافر) جيڪو بيان ڪندا آھن تنھن (ڳالھ) کان عرش جو مالڪ الله پاڪ آھي (٢٢). (الله) جيڪي ڪندو آھي تنھن بابت (اُھو) نه پڇبو ۽ اُنھن کان پڇا ڪبي (٢٣). اُن کان سواءِ (ٻيا) معبود ڇو ورتائون؟ (اي پيغمبر کين) چؤ ته پنھنجو (توريت ۽ انجيل مان) دليل آڻيو. ھي (قرآن) منھنجي سنگت جي نصيحت آھي ۽ (ھي) مون کان اڳ وارن جي نصيحت آھي بلڪ اُنھن مان گھڻا حق کي نه ڄاڻندا آھن تنھن ڪري اُھي منھن موڙيندڙ آھن (٢۴).

وَمَآ اَرۡسَلۡنَا مِنۡ قَبۡلِكَ مِنۡ رَّسُوۡلٍ اِلَّا نُوۡحِىۡۤ اِلَيۡهِ اَنَّهٗ
لَاۤ اِلٰهَ اِلَّاۤ اَنَا فَاعۡبُدُوۡنِ ﴿٢٥﴾ وَقَالُوا اتَّخَذَ الرَّحۡمٰنُ وَلَدًا
سُبۡحٰنَهٗ ؕ بَلۡ عِبَادٌ مُّكۡرَمُوۡنَ ﴿٢٦﴾ لَا يَسۡبِقُوۡنَهٗ بِالۡقَوۡلِ وَهُمۡ
بِاَمۡرِهٖ يَعۡمَلُوۡنَ ﴿٢٧﴾ يَعۡلَمُ مَا بَيۡنَ اَيۡدِيۡهِمۡ وَمَا خَلۡفَهُمۡ وَ
لَا يَشۡفَعُوۡنَ ۙ اِلَّا لِمَنِ ارۡتَضٰى وَهُمۡ مِّنۡ خَشۡيَتِهٖ مُشۡفِقُوۡنَ ﴿٢٨﴾
وَمَنۡ يَّقُلۡ مِنۡهُمۡ اِنِّىۡۤ اِلٰهٌ مِّنۡ دُوۡنِهٖ فَذٰلِكَ نَجۡزِيۡهِ جَهَنَّمَ ؕ
كَذٰلِكَ نَجۡزِى الظّٰلِمِيۡنَ ﴿٢٩﴾ اَوَلَمۡ يَرَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اَنَّ
السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ كَانَتَا رَتۡقًا فَفَتَقۡنٰهُمَا ؕ وَجَعَلۡنَا مِنَ الۡمَآءِ
كُلَّ شَىۡءٍ حَىٍّ ؕ اَفَلَا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿٣٠﴾ وَجَعَلۡنَا فِى الۡاَرۡضِ رَوَاسِىَ اَنۡ
تَمِيۡدَ بِهِمۡ وَجَعَلۡنَا فِيۡهَا فِجَاجًا سُبُلًا لَّعَلَّهُمۡ يَهۡتَدُوۡنَ ﴿٣١﴾
وَجَعَلۡنَا السَّمَآءَ سَقۡفًا مَّحۡفُوۡظًا ۖۚ وَّهُمۡ عَنۡ اٰيٰتِهَا مُعۡرِضُوۡنَ ﴿٣٢﴾
وَهُوَ الَّذِىۡ خَلَقَ الَّيۡلَ وَالنَّهَارَ وَالشَّمۡسَ وَالۡقَمَرَ ؕ كُلٌّ
فِىۡ فَلَكٍ يَّسۡبَحُوۡنَ ﴿٣٣﴾ وَمَا جَعَلۡنَا لِبَشَرٍ مِّنۡ قَبۡلِكَ الۡخُلۡدَ ؕ
اَفَا۟ئِنۡ مِّتَّ فَهُمُ الۡخٰلِدُوۡنَ ﴿٣٤﴾ كُلُّ نَفۡسٍ ذَآئِقَةُ
الۡمَوۡتِ ؕ وَنَبۡلُوۡكُمۡ بِالشَّرِّ وَالۡخَيۡرِ فِتۡنَةً ؕ وَاِلَيۡنَا تُرۡجَعُوۡنَ ﴿٣٥﴾

۽ تو کان اڳ جيڪو (بہ) پيغمبر موڪليوسون تنهن ڏانهن هي وحي
ڪيوسون تہ مون کان سواءِ ڪو عبادت جو لائق نہ آهي تنهن ڪري
منهنجي عبادت ڪريو (٢٥). ۽ چون ٿا تہ الله (پنهنجي لاءِ ملائڪ) اولاد
ورتو آهي اُهو پاڪ آهي- بلڪ (ملائڪ الله جا) سڳورا ٻانها آهن (٢٦).
ڳالهائڻ ۾ اُن کان اڳاٽائي نہ ڪندا آهن ۽ اهي سندس حڪم موجب
ڪم ڪندا آهن (٢٧). جيڪي سندن اڳتان ۽ جيڪي سندن پوئتان آهي
سو (الله) ڄاڻندو آهي ۽ (الله) جنهن کان راضي ٿئي تنهن کان سواءِ ٻئي
لاءِ سفارش نہ ڪندا آهن ۽ اُهي سندس ڀؤ کان ڏڄندڙ آهن (٢٨). ۽
منجهائئن جيڪو چوي تہ الله کان سواءِ آءٌ معبود آهيان تنهن کي دوزخ جي
سزا ڏينداسون- ظالمن کي اِهڙي ئي سزا ڏيندا آهيون (٢٩). ڪافرن نہ ڏٺو
آهي ڇا تہ آسمان ۽ زمين بند ٿيل هئا؟ پوءِ اُنهن کي کوليوسون- ۽ سڀ
ڪنهن جيئري شيءِ کي پاڻيءَ مان پيدا ڪيوسون- پوءِ ڇو نہ ايمان آڻيندا
آهن؟ (٣٠). ۽ زمين ۾ جبل پيدا ڪياسون تہ متان ڪين ڏوڏي ۽ منجهس
ويڪرا رستا بڻايا سون تہ مانَ اُهي واٽ لهن (٣١). ۽ آسمان کي محفوظ
ڇت بڻائي سون، ۽ اُهي اُن جي نشانين کان منهن موڙيندڙ آهن (٣٢). ۽
(الله) اُهو آهي جنهن رات ۽ ڏينهن ۽ سج ۽ چنڊ بڻايو- هر هڪ (پنهنجي)
دائري ۾ ترندو آهي (٣٣). ۽ توکان اڳ ڪنهن ماڻهوءَ کي سدائين رهڻ
وارو نہ ڪيوسون- جيڪڏهن تون مئين تہ اُهي سدائين رهڻ وارا آهن
ڇا؟ (٣٤). سڀ ڪو جيءُ موت (جو مزو) چکڻ وارو آهي- ۽ اوهان کي
مدائي ۽ چڱائي سان آزمائش لاءِ پرکيدا آهيون- ۽ اسان ڏانهن
موٽائبؤ (٣٥).

وَ اِذَا رَاٰكَ الَّذِیْنَ كَفَرُوْۤا اِنْ یَّتَّخِذُوْنَكَ اِلَّا هُزُوًا ؕ اَهٰذَا
الَّذِیْ یَذْكُرُ اٰلِهَتَكُمْ ۚ وَ هُمْ بِذِكْرِ الرَّحْمٰنِ هُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿۳۶﴾
خُلِقَ الْاِنْسَانُ مِنْ عَجَلٍ ؕ سَاُورِیْكُمْ اٰیٰتِیْ فَلَا تَسْتَعْجِلُوْنِ ﴿۳۷﴾
وَ یَقُوْلُوْنَ مَتٰی هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِیْنَ ﴿۳۸﴾ لَوْ یَعْلَمُ
الَّذِیْنَ كَفَرُوْا حِیْنَ لَا یَكُفُّوْنَ عَنْ وُّجُوْهِهِمُ النَّارَ وَ لَا
عَنْ ظُهُوْرِهِمْ وَ لَا هُمْ یُنْصَرُوْنَ ﴿۳۹﴾ بَلْ تَاْتِیْهِمْ بَغْتَةً
فَتَبْهَتُهُمْ فَلَا یَسْتَطِیْعُوْنَ رَدَّهَا وَ لَا هُمْ یُنْظَرُوْنَ ﴿۴۰﴾
وَ لَقَدِ اسْتُهْزِئَ بِرُسُلٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَحَاقَ بِالَّذِیْنَ سَخِرُوْا
مِنْهُمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ یَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿۴۱﴾ ع قُلْ مَنْ یَّكْلَؤُكُمْ بِالَّیْلِ
وَ النَّهَارِ مِنَ الرَّحْمٰنِ ؕ بَلْ هُمْ عَنْ ذِكْرِ رَبِّهِمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿۴۲﴾
اَمْ لَهُمْ اٰلِهَةٌ تَمْنَعُهُمْ مِّنْ دُوْنِنَا ؕ لَا یَسْتَطِیْعُوْنَ نَصْرَ
اَنْفُسِهِمْ وَ لَا هُمْ مِّنَّا یُصْحَبُوْنَ ﴿۴۳﴾ بَلْ مَتَّعْنَا هٰۤؤُلَآءِ وَ
اٰبَآءَهُمْ حَتّٰی طَالَ عَلَیْهِمُ الْعُمُرُ ؕ اَفَلَا یَرَوْنَ اَنَّا نَاْتِی
الْاَرْضَ نَنْقُصُهَا مِنْ اَطْرَافِهَا ؕ اَفَهُمُ الْغٰلِبُوْنَ ﴿۴۴﴾ قُلْ اِنَّمَاۤ
اُنْذِرُكُمْ بِالْوَحْیِ ۖ٘ وَ لَا یَسْمَعُ الصُّمُّ الدُّعَآءَ اِذَا مَا یُنْذَرُوْنَ ﴿۴۵﴾

۽ جڏهن ڪافر توکي ڏسندا آهن تڏهن توکي رڳو ٺٺولي ڪري وٺندا آهن- (۽ چوندا آهن) تہ هي اُهو آهي ڇا جيڪو اوهان جي معبودن (جي عيبن) جو ذڪر ڪندو آهي، ۽ اُهي الله ياد ڪرڻ کان انڪار ڪندا آهن (٣٦). انسان (فطرتاً) جلدباز بڻايو ويو آهي. سگهو پنهنجيون نشانيون اوهان کي ڏيکاريندس پوءِ مون کان (عذاب) جلد نہ گهرو (٣٧). ۽ چون ٿا تہ جيڪڏهن اوهين سچا آهيو تہ اهو انجام ڪڏهن ٿيندو؟ (٣٨). جيڪڏهن ڪافر اُن وقت کي ڄاڻن ها جنهن مهل نہ ڪي پنهنجن منهن ۽ نہ ڪي پنهنجن پٺين کان باھ کي جهلي سگهندا ۽ نہ ڪي کين مدد ڏبي (تہ ائين نہ چون ها) (٣٩). بلڪ (اُها گهڙي) وٽن اوچتو ايندي پوءِ کين حيران ڪندي پوءِ نڪي اها ٽاري سگهندا ۽ نڪي کين مهلت ڏبي (٤٠). ۽ بيشڪ توکان اڳ پيغمبرن سان ٺٺوليون ڪيون ويون پوءِ منجهائن جن ٺٺوليون ڪيون تن تي اُهو عذاب ڪڙڪيو جنهن سان ٺٺوليون ڪندا هئا (٤١). (اي پيغمبر! کين) چؤ تہ رات ۽ ڏينهن جو ٻاجهاري (الله جي عذاب) کان ڪير اوهان جي نگهباني ڪندو آهي؟ بلڪ اُهي پنهنجي پالڻهار جي ياد ڪرڻ کان منهن موڙيندڙ آهن (٤٢). اسان کان سواءِ (بچائڻ وارا ٻيا) ڪي معبود آهن ڇا جو اُنهن کي بچائيندا؟ اُهي پاڻ کي بہ مدد ڏيئي نہ سگهندا آهن ۽ نڪي اُهي (هڪ ٻئي جي مدد سان) اسان (جي عذاب) کان بچندا (٤٣). بلڪ کين ۽ سندن پيءُ ڏاڏن کي آسودو ڪيوسون تان جو سندن ڄمار ڊگهي ٿي- پوءِ نہ ٿا ڏسن ڇا تہ (ڪافرن جي) ملڪ کي اُن جي چوڌارين (مسلمانن جي غالب ٿيڻ سان) گهٽائيندا پيا اچون؟ پوءِ اُهي ڏاڍا ٿيندا ڇا؟ (٤٤). (اي پيغمبر! کين) چؤ تہ آءٌ اوهان کي وحي سان ئي ڊيڄاريندو آهيان ۽ جڏهن (ماڻهو) ڊيڄاريا ويندا آهن تڏهن ٻوڙو (ڊيڄارڻ جو) سڏ نہ ٻڌندو آهي (٤٥).

وَ لَئِنۡ مَّسَّتۡهُمۡ نَفۡحَةٌ مِّنۡ عَذَابِ رَبِّكَ لَيَقُوۡلُنَّ يٰوَيۡلَنَاۤ
اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيۡنَ ﴿۴۶﴾ وَنَضَعُ الۡمَوَازِيۡنَ الۡقِسۡطَ لِيَوۡمِ الۡقِيٰمَةِ
فَلَا تُظۡلَمُ نَفۡسٌ شَيۡـًٔا ؕ وَاِنۡ كَانَ مِثۡقَالَ حَبَّةٍ مِّنۡ
خَرۡدَلٍ اَتَيۡنَا بِهَا ؕ وَكَفٰى بِنَا حٰسِبِيۡنَ ﴿۴۷﴾ وَلَقَدۡ اٰتَيۡنَا
مُوۡسٰى وَهٰرُوۡنَ الۡفُرۡقَانَ وَضِيَآءً وَّذِكۡرًا لِّلۡمُتَّقِيۡنَ ﴿۴۸﴾
الَّذِيۡنَ يَخۡشَوۡنَ رَبَّهُمۡ بِالۡغَيۡبِ وَهُمۡ مِّنَ السَّاعَةِ
مُشۡفِقُوۡنَ ﴿۴۹﴾ وَهٰذَا ذِكۡرٌ مُّبٰرَكٌ اَنۡزَلۡنٰهُ ؕ اَفَاَنۡتُمۡ لَهٗ
مُنۡكِرُوۡنَ ﴿۵۰﴾ وَلَقَدۡ اٰتَيۡنَاۤ اِبۡرٰهِيۡمَ رُشۡدَهٗ مِنۡ قَبۡلُ وَ
كُنَّا بِهٖ عٰلِمِيۡنَ ﴿۵۱﴾ اِذۡ قَالَ لِاَبِيۡهِ وَقَوۡمِهٖ مَا هٰذِهِ التَّمَاثِيۡلُ
الَّتِىۡۤ اَنۡتُمۡ لَهَا عٰكِفُوۡنَ ﴿۵۲﴾ قَالُوۡا وَجَدۡنَاۤ اٰبَآءَنَا لَهَا
عٰبِدِيۡنَ ﴿۵۳﴾ قَالَ لَقَدۡ كُنۡتُمۡ اَنۡتُمۡ وَاٰبَآؤُكُمۡ فِىۡ ضَلٰلٍ
مُّبِيۡنٍ ﴿۵۴﴾ قَالُوۡۤا اَجِئۡتَنَا بِالۡحَقِّ اَمۡ اَنۡتَ مِنَ اللّٰعِبِيۡنَ ﴿۵۵﴾
قَالَ بَلۡ رَّبُّكُمۡ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ الَّذِىۡ
فَطَرَهُنَّ ۖ وَاَنَا عَلٰى ذٰلِكُمۡ مِّنَ الشّٰهِدِيۡنَ ﴿۵۶﴾ وَ
تَاللّٰهِ لَاَكِيۡدَنَّ اَصۡنَامَكُمۡ بَعۡدَ اَنۡ تُوَلُّوۡا مُدۡبِرِيۡنَ ﴿۵۷﴾

۽ جيڪڏهن تنهنجي پالڻهار جي عذاب مان ٿورڙو ئي کين پهچي ته ضرور چون ته هاءِ ارمان! اسين ظالم هئاسون (٤٦). ۽ قيامت جي ڏينهن عدل جي ترازي رکنداسون پوءِ ڪنهن به ماڻهوءَ تي ڪو به ظلم نه ڪبو- ۽ جيڪڏهن (عمل) اهڙُ جي داڻي جي تور هوندو ته به اُن کي آڻينداسون- ۽ اسين حساب ڪندڙ بس آهيون (٤٧). ۽ بيشڪ موسيٰ ۽ هارون کي (سچ کي ڪوڙ کان) نکيڙيندڙ ڪتاب ۽ (اُنهن) پرهيزگارن لاءِ روشني ۽ نصيحت ڏني سون (٤٨). جيڪي پنهنجي پالڻهار کان پريٺ ڊڄندا آهن ۽ اُهي قيامت کان (پڻ) ڊڄندڙ آهن (٤٩). ۽ هي (قرآن) هڪ برڪت واري نصيحت آهي جنهن کي نازل ڪيوسون- پوءِ ڇو اوهين اُن جا منڪر ٿيندا آهيو؟ (٥٠). ۽ بيشڪ ابراهيم کي اڳ ئي سندس هدايت ڏني سون ۽ کيس ڄاڻندڙ هئاسون (٥١). جڏهن پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي قوم کي چيائين ته هي ڪهڙيون مورتون آهن جن تي اوهين ويهي عبادت ٿا ڪريو؟ (٥٢). چيائون ته پنهنجا ابا ڏاڏا اُنهن جا پوڄيندڙ ڏٺاسون (٥٣). (ابراهيم) چيو ته بيشڪ اوهين پاڻ ۽ اوهان جا ابا ڏاڏا پڌري گمراهيءَ ۾ آهيو (٥٤). چيائون اسان وٽ سچ آندو اٿيئي يا تون راند ڪندڙن مان آهين؟ (٥٥). (ابراهيم) چيو ته بلڪ اوهان جو پالڻهار اُهوئي آسمانن ۽ زمين جو پالڻهار آهي جنهن اُهي بڻايا آهن ۽ آءٌ اُن (ڳالھ) تي شاهدي ڏيندڙن مان آهيان (٥٦). ۽ الله جو قسم آهي ته اوهان جي پٺيري ٿي ڦرڻ کان پوءِ اوهان جي بتن لاءِ ضرور ڪا رٿ ڪندس (٥٧).

فَجَعَلَهُمْ جُذٰذًا اِلَّا كَبِيْرًا لَّهُمْ لَعَلَّهُمْ اِلَيْهِ يَرْجِعُوْنَ ﴿۵۸﴾
قَالُوْا مَنْ فَعَلَ هٰذَا بِاٰلِهَتِنَآ اِنَّهٗ لَمِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۵۹﴾ قَالُوْا
سَمِعْنَا فَتًى يَّذْكُرُهُمْ يُقَالُ لَهٗٓ اِبْرٰهِيْمُ ط ﴿۶۰﴾ قَالُوْا
فَاْتُوْا بِهٖ عَلٰٓى اَعْيُنِ النَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَشْهَدُوْنَ ﴿۶۱﴾ قَالُوْٓا
ءَاَنْتَ فَعَلْتَ هٰذَا بِاٰلِهَتِنَا يٰٓاِبْرٰهِيْمُ ط ﴿۶۲﴾ قَالَ بَلْ فَعَلَهٗ صلے ق
كَبِيْرُهُمْ هٰذَا فَسْـَٔلُوْهُمْ اِنْ كَانُوْا يَنْطِقُوْنَ ﴿۶۳﴾ فَرَجَعُوْٓا اِلٰٓى
اَنْفُسِهِمْ فَقَالُوْٓا اِنَّكُمْ اَنْتُمُ الظّٰلِمُوْنَ لا ﴿۶۴﴾ ثُمَّ نُكِسُوْا عَلٰى
رُءُوْسِهِمْ ج لَقَدْ عَلِمْتَ مَا هٰٓؤُلَآءِ يَنْطِقُوْنَ ﴿۶۵﴾ قَالَ اَفَتَعْبُدُوْنَ
مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنْفَعُكُمْ شَيْـًٔا وَّلَا يَضُرُّكُمْ ط ﴿۶۶﴾ اُفٍّ
لَّكُمْ وَلِمَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ط اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۶۷﴾
قَالُوْا حَرِّقُوْهُ وَانْصُرُوْٓا اٰلِهَتَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ فٰعِلِيْنَ ﴿۶۸﴾
قُلْنَا يٰنَارُ كُوْنِيْ بَرْدًا وَّسَلٰمًا عَلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ لا ﴿۶۹﴾ وَاَرَادُوْا
بِهٖ كَيْدًا فَجَعَلْنٰهُمُ الْاَخْسَرِيْنَ ج ﴿۷۰﴾ وَنَجَّيْنٰهُ وَلُوْطًا
اِلَى الْاَرْضِ الَّتِيْ بٰرَكْنَا فِيْهَا لِلْعٰلَمِيْنَ ﴿۷۱﴾ وَوَهَبْنَا لَهٗٓ
اِسْحٰقَ ط وَيَعْقُوْبَ نَافِلَةً ط وَكُلًّا جَعَلْنَا صٰلِحِيْنَ ﴿۷۲﴾

پوءِ اُنهن کي سندن وڏي بت کان سواءِ، ٽڪر ٽڪر ڪيائين ته مانَ اُهي ڏانهنس موٽن (٥٨). چيائون ته اسان جي بتن سان هھڙو حال ڪنهن ڪيو؟ بيشڪ اُهو ظالمن مان آهي (٥٩). چيائون ته هڪ جوان کان ٻڌوسون ته سندن گلا تي ڪيائين، اُن کي ابراهيم سڏيندا آهن (٦٠). چيائون ته ڪيس ماڻهن جي اکين جي اڳيان آڻيو ته مانَ اُهي گواهي ڏين (٦١). (جڏهن آندائونس تڏهن) چيائون ته اي ابراهيم! تو اسان جي بتن جو هيءُ حال ڪيو آهي ڇا؟ (٦٢). ابراهيم چيو ته (نه!) بلڪ اِهو سندن هن وڏي ڪيو آهي جيڪڏهن ڳالهائين ٿا ته کانئن پڇو (٦٣). پوءِ پاڻ ڏانهن (ڦِڪا ٿي) موٽيا پوءِ (هڪ ٻئي کي) چيائون ته بيشڪ اوهين پاڻ بي انصاف آهيو (٦٤). پوءِ پنهنجا ڪنڌ اُونڌا ڪيائون، (چيائون) ته بيشڪ تون ڄاڻندو آهين ته هي نه ڳالهائيندا آهن (٦٥). (ابراهيم) چيو ته پوءِ الله کان سواءِ اُنهن کي ڇو پوڄيندا آهيو جيڪي نه ڪي اوهان کي نفعو پهچائيندا آهن ۽ نه ڪي اوهان کي نقصان پهچائيندا آهن؟ (٦٦). اوهان تي ۽ جنهن کي الله کان سواءِ پوڄيندا آهيو تنهن تي حيف هجي- پوءِ (اوهين) نه سمجهندا آهيو ڇا؟ (٦٧). چيائون ته اُن کي ساڙيو ۽ جيڪڏهن اوهين ڪجھ ڪرڻ گهرو ٿا ته پنهنجن بتن جو پلؤ وٺو (٦٨). (پوءِ باهه ۾ وڌائونس) چيوسون ته اي باهه! ابراهيم تي ٿڌي ۽ سلامتي واري ٿي پؤ (٦٩). ۽ کيس ايذائڻ گهريائون تنهنڪري کين بلڪل ٽوٽي وارو ڪيوسون (٧٠). ۽ کيس ۽ لوط کي اهڙي زمين ڏانهن بچائي آندوسون جنهن ۾ جهان وارن لاءِ برڪت ڪئي سون (٧١). ۽ ابراهيم کي اسحاق بخشيوسون- ۽ يعقوب(جو، سندس پوٽو هو) وڌيڪ (بخشيوسون) ۽ سڀني کي صالح ڪيوسون (٧٢).

وَجَعَلۡنٰهُمۡ اَئِمَّةً يَّهۡدُوۡنَ بِاَمۡرِنَا وَاَوۡحَيۡنَاۤ اِلَيۡهِمۡ فِعۡلَ
الۡخَيۡرٰتِ وَاِقَامَ الصَّلٰوةِ وَاِيۡتَآءَ الزَّكٰوةِ ۚ وَكَانُوۡا لَنَا عٰبِدِيۡنَ ۝۷۳ۙ
وَلُوۡطًا اٰتَيۡنٰهُ حُكۡمًا وَّعِلۡمًا وَّنَجَّيۡنٰهُ مِنَ الۡقَرۡيَةِ الَّتِىۡ
كَانَتۡ تَّعۡمَلُ الۡخَبٰٓئِثَ ؕ اِنَّهُمۡ كَانُوۡا قَوۡمَ سَوۡءٍ فٰسِقِيۡنَ ۝۷۴ۙ
وَاَدۡخَلۡنٰهُ فِىۡ رَحۡمَتِنَا ؕ اِنَّهٗ مِنَ الصّٰلِحِيۡنَ ۝۷۵ ؏ وَنُوۡحًا
اِذۡ نَادٰى مِنۡ قَبۡلُ فَاسۡتَجَبۡنَا لَهٗ فَنَجَّيۡنٰهُ وَاَهۡلَهٗ مِنَ الۡكَرۡبِ
الۡعَظِيۡمِ ۝۷۶ۚ وَنَصَرۡنٰهُ مِنَ الۡقَوۡمِ الَّذِيۡنَ كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَا ؕ
اِنَّهُمۡ كَانُوۡا قَوۡمَ سَوۡءٍ فَاَغۡرَقۡنٰهُمۡ اَجۡمَعِيۡنَ ۝۷۷ وَدَاوٗدَ
وَسُلَيۡمٰنَ اِذۡ يَحۡكُمٰنِ فِى الۡحَرۡثِ اِذۡ نَفَشَتۡ فِيۡهِ غَنَمُ
الۡقَوۡمِ ۚ وَكُنَّا لِحُكۡمِهِمۡ شٰهِدِيۡنَ ۝۷۸ۙ فَفَهَّمۡنٰهَا سُلَيۡمٰنَ ۚ
وَكُلًّا اٰتَيۡنَا حُكۡمًا وَّعِلۡمًا ۙ وَّسَخَّرۡنَا مَعَ دَاوٗدَ الۡجِبَالَ
يُسَبِّحۡنَ وَالطَّيۡرَ ؕ وَكُنَّا فٰعِلِيۡنَ ۝۷۹ وَعَلَّمۡنٰهُ صَنۡعَةَ
لَبُوۡسٍ لَّكُمۡ لِتُحۡصِنَكُمۡ مِّنۡۢ بَاۡسِكُمۡ ۚ فَهَلۡ اَنۡتُمۡ
شٰكِرُوۡنَ ۝۸۰ وَلِسُلَيۡمٰنَ الرِّيۡحَ عَاصِفَةً تَجۡرِىۡ بِاَمۡرِهٖۤ
اِلَى الۡاَرۡضِ الَّتِىۡ بٰرَكۡنَا فِيۡهَا ؕ وَكُنَّا بِكُلِّ شَىۡءٍ عٰلِمِيۡنَ ۝۸۱

۽ اُهي اهڙا امام ڪياسون جو اسان جي حڪم موجب سڌو رستو ڏيکاريندا هئا ۽ اُنهن ڏانهن چڱن ڪمن ڪرڻ ۽ نماز پڙهڻ ۽ زڪواة ڏيڻ جو حڪم ڪيوسون۔ ۽ اسان جي عبادت ڪندڙ هئا (٧٣). ۽ لوط کي حڪمت ۽ علم ڏنوسون ۽ کيس اهڙي ڳوٺ (وارن) کان بچايوسون جو گندا ڪم ڪندا هئا۔ ڇو ته اُهي بڇڙي نافرمان قوم هئا (٧۴). ۽ کيس پنهنجي ٻاجه هيٺ داخل ڪيوسون۔ بيشڪ اُهو صالحن مان هو (٧٥). ۽ (اي پيغمبر!) نوح (جي قصي) کي (ياد ڪر) جڏهن (اُنهن پيغمبرن کان) اڳ، دعا گهريائين تڏهن سندس دعا قبول ڪئي سون پوءِ کيس ۽ سندس گهر وارن کي وڏي مصيبت کان بچايوسون (٧٦). ۽ کيس اهڙي قوم تي سوڀارو ڪيوسون جنهن اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڀانيو۔ بيشڪ اُهي بڇڙي قوم هئا تنهن ڪري اُنهن مڙني کي ٻوڙيوسون (٧٧). ۽ دائود ۽ سليمان (جي قصي) کي (ياد ڪر) جڏهن پوک بابت فيصلو ڪيائون جو هڪ قوم جي ڌڻ (رات جو) منجهس ڀيل ڪئي هئي۔ ۽ سندن فيصلي ڪرڻ وقت حاضر هئاسون (٧٨). تڏهن اُهو سليمان کي سمجهايوسون ۽ هر هڪ کي حڪمت ۽ علم ڏنوسون ۽ دائود کي جبل ۽ پکي تابع ڪري ڏناسون جو (ســاٿس) تسبيح چوندا هــئا۔ ۽ (اسين ائين) ڪرڻ وارا هئاسون (٧٩). ۽ دائود کي اوهان لاءِ زره ٺاهڻ هن لاءِ سيکاري سون ته اوهان کي اوهان جي لڙائي (جي نقصان) کان بچائي، پوءِ اوهين ڪي شڪر ڪندڙ آهيو ڇا؟ (٨٠). ۽ سليمان کي تيز واءُ (تابع ڪري ڏنوسون) جو سندس حڪم سان اهڙيءَ زمين ڏانهن هلندو هو جنهن ۾ برڪت رکي سون۔ ۽ سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهيون (٨١).

وَمِنَ الشَّیٰطِیۡنِ مَنۡ یَّغُوۡصُوۡنَ لَہٗ وَ یَعۡمَلُوۡنَ عَمَلًا
دُوۡنَ ذٰلِکَ ۚ وَکُنَّا لَہُمۡ حٰفِظِیۡنَ ﴿۸۲﴾ۙ وَاَیُّوۡبَ اِذۡ نَادٰی
رَبَّہٗۤ اَنِّیۡ مَسَّنِیَ الضُّرُّ وَاَنۡتَ اَرۡحَمُ الرّٰحِمِیۡنَ ﴿۸۳﴾ۚۖ
فَاسۡتَجَبۡنَا لَہٗ فَکَشَفۡنَا مَا بِہٖ مِنۡ ضُرٍّ وَّاٰتَیۡنٰہُ اَہۡلَہٗ وَ
مِثۡلَہُمۡ مَّعَہُمۡ رَحۡمَۃً مِّنۡ عِنۡدِنَا وَذِکۡرٰی لِلۡعٰبِدِیۡنَ ﴿۸۴﴾
وَاِسۡمٰعِیۡلَ وَاِدۡرِیۡسَ وَذَا الۡکِفۡلِ ؕ کُلٌّ مِّنَ الصّٰبِرِیۡنَ ﴿۸۵﴾ۚۖ
وَاَدۡخَلۡنٰہُمۡ فِیۡ رَحۡمَتِنَا ؕ اِنَّہُمۡ مِّنَ الصّٰلِحِیۡنَ ﴿۸۶﴾ وَ
ذَا النُّوۡنِ اِذۡ ذَّہَبَ مُغَاضِبًا فَظَنَّ اَنۡ لَّنۡ نَّقۡدِرَ عَلَیۡہِ
فَنَادٰی فِی الظُّلُمٰتِ اَنۡ لَّاۤ اِلٰہَ اِلَّاۤ اَنۡتَ سُبۡحٰنَکَ ٭ۖ
اِنِّیۡ کُنۡتُ مِنَ الظّٰلِمِیۡنَ ﴿۸۷﴾ۚۖ فَاسۡتَجَبۡنَا لَہٗ ۙ وَنَجَّیۡنٰہُ
مِنَ الۡغَمِّ ؕ وَکَذٰلِکَ نُــۨۡجِی الۡمُؤۡمِنِیۡنَ ﴿۸۸﴾ وَزَکَرِیَّاۤ
اِذۡ نَادٰی رَبَّہٗ رَبِّ لَا تَذَرۡنِیۡ فَرۡدًا وَّاَنۡتَ خَیۡرُ
الۡوٰرِثِیۡنَ ﴿۸۹﴾ۚۖ فَاسۡتَجَبۡنَا لَہٗ ۫ وَوَہَبۡنَا لَہٗ یَحۡیٰی وَاَصۡلَحۡنَا
لَہٗ زَوۡجَہٗ ؕ اِنَّہُمۡ کَانُوۡا یُسٰرِعُوۡنَ فِی الۡخَیۡرٰتِ وَ
یَدۡعُوۡنَنَا رَغَبًا وَّرَہَبًا ؕ وَکَانُوۡا لَنَا خٰشِعِیۡنَ ﴿۹۰﴾

۽ ديوَن مان ڪي اهڙا (تابع ڪري ڏناسون) جي اُن لاءِ ٽٻندا هئا ۽ اُن کان سواءِ ٻيو ڪم (بہ) ڪندا هئا ۽ اسين سندن نگهبان هئاسون (٨٢). ۽ (اي پيغمبر!) ايوب (جي قصي) کي (ياد ڪر) جڏهن پنهنجي پالڻهار کي سڏيائين تہ مون کي تڪليف پهتي آهي ۽ تون (سڀني) ٻاجهارن کان وڌ ٻاجهارو آهين (٨٣). پوءِ سندس دعا قبول ڪئي سون پوءِ جيڪو کيس ڏک پهتو هو سو لاٿوسون ۽ سندس گهر وارا کيس (ورائي) ڏناسون ۽ اوترا ٻيا بہ ساڻن گڏ پنهنجيءَ ٻاجھ وٽان (ڏناسون) ۽ (تہ) عبادت ڪندڙن لاءِ يادگيري هجي (٨٤). ۽ اسماعيل ۽ ادريس ۽ ذوالڪفل (ياد ڪر)۔ هر هڪ صابرن مان هو (٨٥). ۽ کين پنهنجي ٻاجھ ۾ داخل ڪيوسون۔ بيشڪ اُهي صالحن مان هئا (٨٦). ۽ مڇي واري (جي قصي) کي (ياد ڪر) جڏهن هو (پنهنجي قوم) تي ڪاوڙجي ويو. پوءِ (ذوالنون ائين) ڀانيو تہ اسان جي مٿس ڪڏهن پڪڙ نہ هلندي. پوءِ اونداهين ۾ دانهون ڪيائين تہ توکان سواءِ ڪو معبود نہ آهي تون پاڪ آهين آءٌ گنهگارن مان آهيان (٨٧). پوءِ سندس دعا قبول ڪئي سون ۽ کيس غم کان بچايوسون ۽ اهڙي طرح مؤمنن کي بچائيندا آهيون (٨٨). ۽ زڪريا (جو قصو ياد ڪر) جڏهن پنهنجي پالڻهار کي سڏيائين تہ اي منهنجا پالڻهار! مون کي اڪيلو نہ ڇڏ ۽ تون چڱو وارث آهين (٨٩). پوءِ سندس دعا قبول ڪئي سون ۽ کيس يحيٰ بخشيوسون ۽ سندس زال کي سندس لاءِ چڱو ڪيوسون اُهي نيڪين ۾ آڳرائي ڪندا هئا ۽ اسان کي اُميد ۽ ڀؤ ڪندي سڏيندا هئا ۽ اسان کان ڊڄندڙ هئا (٩٠).

وَالَّتِيْٓ اَحْصَنَتْ فَرْجَهَا فَنَفَخْنَا فِيْهَا مِنْ رُّوْحِنَا وَ

جَعَلْنٰهَا وَابْنَهَآ اٰيَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿٩١﴾ اِنَّ هٰذِهٖٓ اُمَّتُكُمْ

اُمَّةً وَّاحِدَةً ۖ وَّاَنَا رَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْنِ ﴿٩٢﴾ وَتَقَطَّعُوْٓا اَمْرَهُمْ

بَيْنَهُمْ ؕ كُلٌّ اِلَيْنَا رٰجِعُوْنَ ﴿٩٣﴾ ع فَمَنْ يَّعْمَلْ مِنَ الصّٰلِحٰتِ

وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَلَا كُفْرَانَ لِسَعْيِهٖ ۚ وَاِنَّا لَهٗ كٰتِبُوْنَ ﴿٩٤﴾ وَ

حَرٰمٌ عَلٰى قَرْيَةٍ اَهْلَكْنٰهَآ اَنَّهُمْ لَا يَرْجِعُوْنَ ﴿٩٥﴾ حَتّٰٓى اِذَا

فُتِحَتْ يَاْجُوْجُ وَمَاْجُوْجُ وَهُمْ مِّنْ كُلِّ حَدَبٍ يَّنْسِلُوْنَ ﴿٩٦﴾

وَاقْتَرَبَ الْوَعْدُ الْحَقُّ فَاِذَا هِيَ شَاخِصَةٌ اَبْصَارُ الَّذِيْنَ

كَفَرُوْا ؕ يٰوَيْلَنَا قَدْ كُنَّا فِيْ غَفْلَةٍ مِّنْ هٰذَا بَلْ

كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ﴿٩٧﴾ اِنَّكُمْ وَمَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ

حَصَبُ جَهَنَّمَ ؕ اَنْتُمْ لَهَا وٰرِدُوْنَ ﴿٩٨﴾ لَوْ كَانَ هٰٓؤُلَآءِ

اٰلِهَةً مَّا وَرَدُوْهَا ؕ وَكُلٌّ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٩٩﴾ لَهُمْ فِيْهَا

زَفِيْرٌ وَّهُمْ فِيْهَا لَا يَسْمَعُوْنَ ﴿١٠٠﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ سَبَقَتْ

لَهُمْ مِّنَّا الْحُسْنٰٓى ۙ اُولٰٓئِكَ عَنْهَا مُبْعَدُوْنَ ﴿١٠١﴾ لَا يَسْمَعُوْنَ

حَسِيْسَهَا ۚ وَهُمْ فِيْ مَا اشْتَهَتْ اَنْفُسُهُمْ خٰلِدُوْنَ ﴿١٠٢﴾ ج

۽ (اُنهي مائيءَ جو قصو ياد ڪر) جنهن پنهنجي اُگهڙ بچائي پوءِ منجهس پنهنجي روح مان ڦوڪيوسون ۽ کيس ۽ سندس پٽ کي ساري جڳ لاءِ نشاني ڪئي سون (٩١). بيشڪ اِهو اوهان جو دين هڪ دين آهي ۽ آءٌ اوهان جو پالڻهار آهيان تنهن ڪري منهنجي عبادت ڪريو (٩٢). ۽ پنهنجي (دين جي) ڪمن کي پاڻ ۾ ٽڪر ٽڪر ڪيائون. سڀيئي مون ڏانهن موٽندڙ آهن (٩٣). پوءِ جيڪو چڱا ڪم ڪندو ۽ اُهو مؤمن به هوندو تنهن جي محنت جي بي قدري نه ڪبي، ۽ اسين اُن لاءِ لکندڙ آهيون (٩٤). جنهن ڳوٺ کي ناس ڪيوسون تنهن تي (موٽڻ) حرام ٿيل آهي بيشڪ اُهي (دنيا ڏانهن وري) نه موٽندا (٩٥). تانجو جڏهن ياجوج ۽ ماجوج کي کولبو ۽ اُهي هر ڪنهن دڙي کان ڊوڙندا (٩٦). ۽ (جڏهن قيامت جو) سچو وعدو پهچندو تڏهن اوچتو ئي ڪافرن جون اکيون ٽڙي وينديون. (چوندا ته) هاءِ ارمان! بيشڪ هن (حال) کان بي خبريءَ ۾ هئاسون بلڪ اسين ظالم هئاسون (٩٧). اوهين ۽ جن کي الله کان سواءِ پوڄيندا آهيو سي دوزخ جو ٻارڻ آهيو. اُن ۾ اوهين گهڙندڙ آهيو (٩٨). جيڪڏهن اُهي (بت) معبود هجن ها ته اُن (دوزخ) ۾ نه گهڙن ها! ۽ مڙيئي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن (٩٩). منجهس انهن کي رڙيون هونديون ۽ اُهي منجهس (ڪجھ) نه ٻڌندا (١٠٠). جن لاءِ اسان وٽ اڳي ئي چڱائي (لکيل) آهي اُهي اُن (دوزخ) کان پري ڪبا (١٠١). (اُهي) اُن جي ڀڻڪ نه ٻڌندا، ۽ جنهن (عيش) ۾ سندن جيءُ (رهڻ) گهرندو تنهن ۾ اُهي سدائين رهندا (١٠٢).

لَا يَحْزُنُهُمُ الْفَزَعُ الْاَكْبَرُ وَتَتَلَقّٰىهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ ؕ هٰذَا يَوْمُكُمُ
الَّذِىْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ ﴿۱۰۳﴾ يَوْمَ نَطْوِى السَّمَآءَ كَطَىِّ السِّجِلِّ
لِلْكُتُبِ ؕ كَمَا بَدَاْنَآ اَوَّلَ خَلْقٍ نُّعِيْدُهٗ ؕ وَعْدًا عَلَيْنَا ؕ اِنَّا كُنَّا
فٰعِلِيْنَ ﴿۱۰۴﴾ وَلَقَدْ كَتَبْنَا فِى الزَّبُوْرِ مِنْۢ بَعْدِ الذِّكْرِ اَنَّ
الْاَرْضَ يَرِثُهَا عِبَادِىَ الصّٰلِحُوْنَ ﴿۱۰۵﴾ اِنَّ فِىْ هٰذَا لَبَلٰغًا
لِّقَوْمٍ عٰبِدِيْنَ ﴿۱۰۶﴾ؕ وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۰۷﴾
قُلْ اِنَّمَا يُوْحٰٓى اِلَىَّ اَنَّمَآ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَهَلْ اَنْتُمْ
مُّسْلِمُوْنَ ﴿۱۰۸﴾ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقُلْ اٰذَنْتُكُمْ عَلٰى سَوَآءٍ ؕ وَاِنْ اَدْرِىْٓ
اَقَرِيْبٌ اَمْ بَعِيْدٌ مَّا تُوْعَدُوْنَ ﴿۱۰۹﴾ اِنَّهٗ يَعْلَمُ الْجَهْرَ مِنَ
الْقَوْلِ وَيَعْلَمُ مَا تَكْتُمُوْنَ ﴿۱۱۰﴾ وَاِنْ اَدْرِىْ لَعَلَّهٗ فِتْنَةٌ لَّكُمْ
وَمَتَاعٌ اِلٰى حِيْنٍ ﴿۱۱۱﴾ قٰلَ رَبِّ احْكُمْ بِالْحَقِّ ؕ وَرَبُّنَا
الرَّحْمٰنُ الْمُسْتَعَانُ عَلٰى مَا تَصِفُوْنَ ﴿۱۱۲﴾ ع

## سُوْرَةُ الْحَجِّ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ
يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا رَبَّكُمْ ۚ اِنَّ زَلْزَلَةَ السَّاعَةِ شَىْءٌ عَظِيْمٌ ﴿۱﴾

ڪين تمام وڏي گهبراهٽ غمگين نہ ڪندي ۽ ڪين ملائڪ گڏبا۔ (۽ چونــدن تہ) هي اُهو ڏينهن آهي جـنهن جـو اوهان کـي وعـدو ڏنو ويندو هو (١٠٣). جنهن ڏينهن آسمانن کي ڪاغذ جي ويڙهي وانگي ويڙهيندا سون۔ جيئن پهريون (مخلوق) پيدا ڪرڻ شروع ڪئي سون (تيئن) اُن کي وري بڻائيـنداسون۔ اِهو انجام اسـان تي لازم آهـي۔ اسـين ڪرڻ وارا آهيون (١٠٤). ۽ بيشڪ توريت کان پوءِ زبور ۾ لکيوسون تہ منهنجا صالح ٻانها زمين جا وارث ٿيندا (١٠٥). هن (ڳالهہ) ۾ عبادت ڪندڙ قوم لاءِ (مطلب جي) پورائي آهي (١٠٦). ۽ (اي پيغمبر!) توکي خاص جهانن جي رحمت لاءِ موڪليوسون (١٠٧). چؤ تہ مون وٽ هن حڪم کان سواءِ وحي نہ ٿيندو آهي تہ هڪ الله کان سواءِ اوهان جو ڪو معبود نہ آهي. پوءِ اوهين ڇو نہ حڪم مڃيندڙ آهيو؟ (١٠٨). پوءِ جيڪڏهن ڦرن تہ چؤ تہ اوهان (سيني) کي (الله جي حڪم تي) هڪ جهڙو خبردار ڪيم۔ ۽ جيڪو اوهان کـي انـجام ڏنو ويو سو نہ ٿـو ڄاڻان تہ ويجهو آهي يا پري آهي (١٠٩). بيشڪ الله ظاهري ڳالهہ (بہ) ڄاڻـندو آهي ۽ جيڪي اوهـين لڪائيندا آهيو سو (بہ) ڄاڻندو آهي (١١٠). ۽ آءٌ نہ ڄاڻندو آهيان تہ متان اُها ٿهرايل (دير) اوهان لاءِ پرک هجي ۽ هڪ وقت تائين (اوهان لاءِ) نفعو هجي (١١١). (پيغمبر) چيو تہ اي منهنجا پالڻهار! سچو فيصلو ڪر۔ ۽ اسان جو پالڻهار ٻاجهارو آهي جيڪي اوهين بيان ڪندا آهيو تنهن تي ڪانئس مدد گهري ويندي آهي (١١٢).

**سورة حج مدني آهي ۽ هي انهتر**
**آيتون ۽ ڏهہ رڪوع آهي**

**الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)**

اي انسانؤ! پنهنجي پالڻهار کان ڊڄو۔ ڇـو تہ قيامت وارو زلزلو وڏي شيءِ آهي (١).

يَوْمَ تَرَوْنَهَا تَذْهَلُ كُلُّ مُرْضِعَةٍ عَمَّآ اَرْضَعَتْ
وَتَضَعُ كُلُّ ذَاتِ حَمْلٍ حَمْلَهَا وَتَرَى النَّاسَ سُكٰرٰى
وَمَا هُمْ بِسُكٰرٰى وَلٰكِنَّ عَذَابَ اللّٰهِ شَدِيْدٌ ﴿٢﴾ وَمِنَ
النَّاسِ مَنْ يُّجَادِلُ فِى اللّٰهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ وَّيَتَّبِعُ كُلَّ
شَيْطٰنٍ مَّرِيْدٍ ۙ﴿٣﴾ كُتِبَ عَلَيْهِ اَنَّهٗ مَنْ تَوَلَّاهُ فَاَنَّهٗ يُضِلُّهٗ
وَيَهْدِيْهِ اِلٰى عَذَابِ السَّعِيْرِ ﴿٤﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنْ كُنْتُمْ
فِىْ رَيْبٍ مِّنَ الْبَعْثِ فَاِنَّا خَلَقْنٰكُمْ مِّنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ
نُّطْفَةٍ ثُمَّ مِنْ عَلَقَةٍ ثُمَّ مِنْ مُّضْغَةٍ مُّخَلَّقَةٍ وَّغَيْرِ
مُخَلَّقَةٍ لِّنُبَيِّنَ لَكُمْ ؕ وَنُقِرُّ فِى الْاَرْحَامِ مَا نَشَآءُ اِلٰۤى
اَجَلٍ مُّسَمًّى ثُمَّ نُخْرِجُكُمْ طِفْلًا ثُمَّ لِتَبْلُغُوْۤا اَشُدَّكُمْ ۚ
وَمِنْكُمْ مَّنْ يُّتَوَفّٰى وَمِنْكُمْ مَّنْ يُّرَدُّ اِلٰۤى اَرْذَلِ الْعُمُرِ
لِكَيْلَا يَعْلَمَ مِنْۢ بَعْدِ عِلْمٍ شَيْـًٔا ؕ وَتَرَى الْاَرْضَ
هَامِدَةً فَاِذَاۤ اَنْزَلْنَا عَلَيْهَا الْمَآءَ اهْتَزَّتْ وَرَبَتْ
وَاَنْۢبَتَتْ مِنْ كُلِّ زَوْجٍۢ بَهِيْجٍ ﴿٥﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ
هُوَ الْحَقُّ وَاَنَّهٗ يُحْىِ الْمَوْتٰى وَاَنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ ۙ﴿٦﴾

جنهن ڏينهن اُن کي ڏسندؤ (تنهن ڏينهن) هر ٿڃ پيارينڙ (زائفان) جنهن (ٻار) کي ٿڃ پياريندي هوندي تنهن کي (دهشت کان) وساريندي ۽ هر پيٽ واري پنهنجي ڳَـڀ کي ڪيريندي ۽ ماڻهن کي بيهوش ڏسندين حالانڪ اُهي نشي ۾ نہ هوندا پر الله جو عذاب سخت آهي (٢). ۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو آهي جو الله جي شان ۾ بي سمجهي سان تڪرار ڪندو آهي ۽ هر شيطان تڙيل جي پٺيان لڳندو آهي (٣). اُن (شيطان) تي لازم ڪيو ويو آهي تہ جيڪو ڪيس دوست رکندو تنهن کي بيشڪ اُهو گمراهہ ڪندو ۽ اُن کي دوزخ جي عذاب ڏانهن رستو ڏيکاريندو (٤). اي انسانؤ! جيڪڏهن (قيامت ۾) اٿارڻ کان اوهين شڪ ۾ پيل آهيو تہ اسان اوهان کي مٽيءَ مان بڻايو وري نطفي مان وري رت جي ڏڳ مان وري گوشت جي بوٽيءَ مان پورو بڻايل ۽ اڻ پورو بڻايل. هن لاءِ تہ اوهان کي کولي بيان ڪريون- ۽ جنهن کي گهرندا آهيون تنهن کي مقرر مدت تائين ڳڀڻين ۾ رهائيندا آهيون وري ٻار بڻائي اوهان کي ٻاهر ڪڍندا آهيون وري (نپائيندا آهيون) تہ اوهين پنهنجي جواني کي پهچو، ۽ اوهان مان ڪو (اڳي) مرندو آهي ۽ اوهان مان ڪنهن کي (جهورائي جي) نڪمي ڄمار ڏانهن هن لاءِ ورايو ويندو آهي تہ ڄاڻڻ کان پوءِ ڪجهہ نہ ڄاڻي- ۽ زمين کي غير آباد ڏسندو آهين پوءِ جڏهن مٿس پاڻي وسائيندا آهيون تڏهن اُيامندي آهي ۽ تازي ٿيندي آهي ۽ سڀ ڪنهن جنس مان چڱا سلا ڄمائيندي آهي (٥). اِهو (بيان) هن لاءِ آهي جو الله (جو ئي هجڻ) حق آهي ۽ اهوئي مئن کي جياريندو ۽ اُهو سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي (٦).

وَّاَنَّ السَّاعَةَ اٰتِيَةٌ لَّا رَيْبَ فِيْهَا ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ يَبْعَثُ مَنْ
فِى الْقُبُوْرِ ﴿٧﴾ وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يُّجَادِلُ فِى اللّٰهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ
وَّلَا هُدًى وَّلَا كِتٰبٍ مُّنِيْرٍ ۙ﴿٨﴾ ثَانِىَ عِطْفِهٖ لِيُضِلَّ عَنْ
سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ لَهٗ فِى الدُّنْيَا خِزْىٌ وَّنُذِيْقُهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ
عَذَابَ الْحَرِيْقِ ﴿٩﴾ ذٰلِكَ بِمَا قَدَّمَتْ يَدٰكَ وَاَنَّ اللّٰهَ لَيْسَ
بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ﴿١٠﴾ ع وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّعْبُدُ اللّٰهَ عَلٰى حَرْفٍ ۚ
فَاِنْ اَصَابَهٗ خَيْرُ ۨاطْمَاَنَّ بِهٖ ۚ وَاِنْ اَصَابَتْهُ فِتْنَةُ ۨانْقَلَبَ عَلٰى
وَجْهِهٖ ۚ قف خَسِرَ الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةَ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْخُسْرَانُ الْمُبِيْنُ ﴿١١﴾
يَدْعُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَضُرُّهٗ وَمَا لَا يَنْفَعُهٗ ؕ ذٰلِكَ هُوَ
الضَّلٰلُ الْبَعِيْدُ ﴿١٢﴾ ج يَدْعُوْا لَمَنْ ضَرُّهٗۤ اَقْرَبُ مِنْ نَّفْعِهٖ ؕ
لَبِئْسَ الْمَوْلٰى وَلَبِئْسَ الْعَشِيْرُ ﴿١٣﴾ اِنَّ اللّٰهَ يُدْخِلُ الَّذِيْنَ
اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِىْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ
اِنَّ اللّٰهَ يَفْعَلُ مَا يُرِيْدُ ﴿١٤﴾ مَنْ كَانَ يَظُنُّ اَنْ لَّنْ
يَّنْصُرَهُ اللّٰهُ فِى الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ فَلْيَمْدُدْ بِسَبَبٍ اِلَى
السَّمَآءِ ثُمَّ لْيَقْطَعْ فَلْيَنْظُرْ هَلْ يُذْهِبَنَّ كَيْدُهٗ مَا يَغِيْظُ ﴿١٥﴾

۽ ته قيامت اچڻي آهي منجهس ڪو شڪ نه آهي ۽ ته جيڪي قبرن ۾ هوندا تن کي الله (قيامت ۾) اُٿاريندو (٧). ۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو آهي جو الله جي شان ۾ بنا علم ۽ بنا هدايت ۽ بنا ڪنهن روشن ڪتاب جي تڪرار ڪندو آهي (٨). (وڏائي کان) ڪنڌ موڙيندڙ ٿي، هن لاءِ ته (ماڻهن کي) الله جي واٽ کان گمراهه ڪري- اُن لاءِ دنيا ۾ خواري آهي ۽ قيامت جي ڏينهن کيس سڙڻ جو عذاب چکائينداسون (٩). (چئبس ته) اها سزا اُنهن ڪمن جي ڪري آهي جو تنهنجي هٿن اَڳي موڪليا آهن ۽ (اِنهيءَ ڪري) ته الله ٻانهن تي ظلم ڪندڙ نه آهي (١٠). ۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو آهي جو الله جي عبادت آسيري پاسيري ڪندو آهي، پوءِ جيڪڏهن کيس نفعو پهچندو آهي ته اُن سان مطمئن ٿيندو آهي ۽ جيڪڏهن کيس ڪو ڏک پهچندو آهي ته پنهنجي منهن ڀر ڦرندو آهي. دنيا ۽ آخرت گنوايائين- اِهوئي پڌرو نقصان آهي (١١). (اُهو) الله کان سواءِ اُنهيءَ کي سڏيندو آهي جيڪو کيس نڪي نقصان لائيندو آهي ۽ نڪي کيس نفعو ڏيندو آهي- اِها ئي وڏي گمراهي آهي (١٢). اُنهي کي سڏيندو آهي جنهن جو نقصان سندس نفعي کان وڌيڪ ويجهو آهي- بيشڪ (اهڙو) سائين بڇڙو آهي ۽ (اهڙو) همراهه (به) بڇڙو آهي (١٣). بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا تن کي الله اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن- بيشڪ الله جيڪي گهرندو آهي سو ڪندو آهي (١٤). جيڪو ڀائيندو آهي ته الله پيغمبر جي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪڏهن مدد نه ڪندو، تنهن کي گهرجي ته ڇت ڏانهن رسي ٻڌي (ڦاهي) چڙهي وري گهرجيس ته (اها) ڇني پوءِ نهاري ته اُن جي ان حيلي اُن کي ختم ڪيو جنهن اُن کي ڪاوڙايو ٿي؟ (١٥).

وَكَذٰلِكَ اَنْزَلْنٰهُ اٰيٰتٍۭ بَيِّنٰتٍ ۙ وَّاَنَّ اللّٰهَ يَهْدِيْ مَنْ يُّرِيْدُ ﴿١٦﴾
اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَالَّذِيْنَ هَادُوْا وَالصّٰبِـِٕيْنَ وَالنَّصٰرٰى
وَالْمَجُوْسَ وَالَّذِيْنَ اَشْرَكُوْٓا ۖ ۗ اِنَّ اللّٰهَ يَفْصِلُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ
اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ ﴿١٧﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يَسْجُدُ لَهٗ مَنْ
فِي السَّمٰوٰتِ وَمَنْ فِي الْاَرْضِ وَالشَّمْسُ وَالْقَمَرُ وَالنُّجُوْمُ وَ
الْجِبَالُ وَالشَّجَرُ وَالدَّوَآبُّ وَكَثِيْرٌ مِّنَ النَّاسِ ؕ وَكَثِيْرٌ حَقَّ
عَلَيْهِ الْعَذَابُ ؕ وَمَنْ يُّهِنِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ مُّكْرِمٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ
يَفْعَلُ مَا يَشَآءُ ۩ ﴿١٨﴾ السجدة هٰذٰنِ خَصْمٰنِ اخْتَصَمُوْا فِيْ رَبِّهِمْ ز
فَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا قُطِّعَتْ لَهُمْ ثِيَابٌ مِّنْ نَّارٍ ؕ يُصَبُّ مِنْ
فَوْقِ رُءُوْسِهِمُ الْحَمِيْمُ ﴿١٩﴾ ج يُصْهَرُ بِهٖ مَا فِيْ بُطُوْنِهِمْ وَالْجُلُوْدُ ﴿٢٠﴾ ؕ
وَلَهُمْ مَّقَامِعُ مِنْ حَدِيْدٍ ﴿٢١﴾ كُلَّمَآ اَرَادُوْٓا اَنْ يَّخْرُجُوْا
مِنْهَا مِنْ غَمٍّ اُعِيْدُوْا فِيْهَا ۗ وَذُوْقُوْا عَذَابَ الْحَرِيْقِ ﴿٢٢﴾ ع
اِنَّ اللّٰهَ يُدْخِلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ
تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ يُحَلَّوْنَ فِيْهَا مِنْ
اَسَاوِرَ مِنْ ذَهَبٍ وَّلُؤْلُؤًا ؕ وَلِبَاسُهُمْ فِيْهَا حَرِيْرٌ ﴿٢٣﴾

۽ اهڙي طرح اُن (قرآن) کي پڌريون آيتون ڪري نازل ڪيوسون ۽ الله جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي هدايت ڪندو آهي (١٦). بيشڪ جن ايمان آندو ۽ جيڪي يهودي ۽ صابئي ۽ نصاريٰ ۽ مجوسي ۽ مشرڪ آهن تن (سڀني) جي وچ ۾ الله قيامت جي ڏينهن نبيرو ڪندو. ڇو ته الله سڀ ڪنهن شيءِ تي حاضر آهي (١٧). (اي پيغمبر!) نه ڏٺئي ڇا ته جيڪي آسمانن ۾ آهن ۽ جيڪي زمين ۾ آهن سي ۽ سج ۽ چنڊ ۽ تارا ۽ جبل ۽ وڻ ۽ ڍور ۽ ماڻهن مان گهڻا الله کي سجدو ڪندا آهن. ۽ گهڻا (ماڻهو) آهن جن تي عذاب لازم ٿيو آهي. ۽ جنهن کي الله خوار ڪندو تنهن کي ڪو مانَ ڏيڻ وارو ڪونهي. ڇو ته الله جيڪي گهرندو آهي سو ڪندو آهي (١٨). اِهي ٻئي ٽوليون پاڻ ۾ ويري آهن، پنهنجي پالڻهار بابت تڪرار ڪندڙن آهن پوءِ جن ڪفر ڪيو تن لاءِ باه جا ڪپڙا ورچيا ويندا. ۽ سندن مٿن جي مٿان ٽهڪندڙ پاڻي هاربو (١٩). جيڪي سندن پيٽن ۾ هوندو سو ۽ کلون اُن سان ڳاربيون (٢٠). ۽ اُنهن جي ڪُٽڻ لاءِ لوه جا وڏاڻ هوندا! (٢١). جڏهن به منجهانئس ڏک جي ڪري نڪرڻ گهرندا تڏهن منجهس وري ورائبا ۽ (چيو ويندن ته) سڙڻ جو عذاب چکو (٢٢). بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي الله اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون پيون وهنديون منجهن سون جا زيور ۽ موتي پارائبا. ۽ منجهن سندن پوشاڪ پَٽ جي هوندي (٢٣).

وَهُدُوْٓا اِلَى الطَّيِّبِ مِنَ الْقَوْلِ ۚۖ وَهُدُوْٓا اِلٰى صِرَاطِ
الْحَمِيْدِ ﴿۲۴﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَيَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ
وَالْمَسْجِدِ الْحَرَامِ الَّذِيْ جَعَلْنٰهُ لِلنَّاسِ سَوَآءَ ۨالْعَاكِفُ
فِيْهِ وَالْبَادِ ۭ وَمَنْ يُّرِدْ فِيْهِ بِاِلْحَادٍۢ بِظُلْمٍ نُّذِقْهُ مِنْ
عَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿۲۵﴾ وَاِذْ بَوَّاْنَا لِاِبْرٰهِيْمَ مَكَانَ الْبَيْتِ اَنْ لَّا
تُشْرِكْ بِيْ شَيْـًٔا وَّطَهِّرْ بَيْتِيَ لِلطَّآئِفِيْنَ وَالْقَآئِمِيْنَ وَ
الرُّكَّعِ السُّجُوْدِ ﴿۲۶﴾ وَاَذِّنْ فِي النَّاسِ بِالْحَجِّ يَاْتُوْكَ رِجَالًا
وَّعَلٰى كُلِّ ضَامِرٍ يَّاْتِيْنَ مِنْ كُلِّ فَجٍّ عَمِيْقٍ ﴿۲۷﴾ لِّيَشْهَدُوْا
مَنَافِعَ لَهُمْ وَيَذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ فِيْٓ اَيَّامٍ مَّعْلُوْمٰتٍ
عَلٰى مَا رَزَقَهُمْ مِّنْۢ بَهِيْمَةِ الْاَنْعَامِ ۚ فَكُلُوْا مِنْهَا
وَاَطْعِمُوا الْبَآئِسَ الْفَقِيْرَ ﴿۲۸﴾ ثُمَّ لْيَقْضُوْا تَفَثَهُمْ
وَلْيُوْفُوْا نُذُوْرَهُمْ وَلْيَطَّوَّفُوْا بِالْبَيْتِ الْعَتِيْقِ ﴿۲۹﴾
ذٰلِكَ ۚ وَمَنْ يُّعَظِّمْ حُرُمٰتِ اللّٰهِ فَهُوَ خَيْرٌ لَّهٗ عِنْدَ رَبِّهٖ ۭ
وَاُحِلَّتْ لَكُمُ الْاَنْعَامُ اِلَّا مَا يُتْلٰى عَلَيْكُمْ فَاجْتَنِبُوا
الرِّجْسَ مِنَ الْاَوْثَانِ وَاجْتَنِبُوْا قَوْلَ الزُّوْرِ ۙ﴿۳۰﴾

۽ (دنيا ۾) ڪين چڱي ڳالهه ڏانهن هدايت ڪئي وئي هئي، ۽ (الله) ساراهيل جي واٽ ڏانهن دڳ لاتا ويا هئا (٢۴). بيشڪ جن ڪفر ڪيو ۽ (ماڻهن کي) الله جي واٽ ۽ اُنهي تعظيم واري مسجد (حرام) کان جهليندا آهن جا ماڻهن لاءِ ٻڌائي سون ۽ جنهن ۾ شهري ۽ ٻهراڙي وارا برابر آهن- ۽ جيڪو منجهس ظلم سان زيادتي جو ارادو ڪندو تنهن کي ڏکوئيندڙ عذاب چکائيندا سون (٢٥). ۽ (ياد ڪر) جڏهن ابراهيم لاءِ بيت الله جو هنڌ مقرر ڪيوسون (۽ سمجهايوسون) ته مون سان ڪنهن کي شريڪ نه ڪر ۽ منهنجي گهر کي طواف ڪندڙن ۽ قيام ڪندڙن ۽ رڪوع ڪندڙن (۽) سجدي ڪندڙن لاءِ پاڪ رک (٢٦). ۽ ماڻهن ۾ حج جو پڙهو ڏي ته تو ڏانهن پيادا ۽ ڏٻرن ڏاچين تي جيڪي ڏوراهين پنڌ کان ايندیون (هن لاءِ) چڙهي ايندا (٢٧). ته پنهنجي فائدي جي هنڌ تي پهچن ۽ ڄاڻل ڏينهن ۾ (ذبح مهل) الله جو نالو ياد ڪن، پوءِ اُنهن منجهان (پاڻ به) کائو ۽ عاجز فقير به کارايو (٢٨). وري ٻلي ته پنهنجي (جسي جي) مَرُ لاهين ۽ پنهنجون مڃتائون پوريون ڪن ۽ هن قديم گهر جو طواف ڪن (٢٩). اِهو (حڪم) آهي ۽ جيڪو الله جي عبادت جي رڪنن جو اَدب ڪندو تنهن لاءِ اُهو سندن پالڻهار وٽ ڀلو آهي- ۽ جيڪي اوهان کي پڙهي ٻڌائبو تنهن کان سواءِ ٻيا ڍور اوهان تي حلال ڪيا ويا تنهن ڪري بتن جي پليتي کان پاسو ڪريو ۽ ڪوڙي ڳالهه کان (به) پاسو ڪريو (٣٠).

حُنَفَآءَ لِلّٰهِ غَيْرَ مُشْرِكِيْنَ بِهٖ ؕ وَمَنْ يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ فَكَاَنَّمَا
خَرَّ مِنَ السَّمَآءِ فَتَخْطَفُهُ الطَّيْرُ اَوْ تَهْوِيْ بِهِ الرِّيْحُ فِيْ
مَكَانٍ سَحِيْقٍ ﴿۳۱﴾ ذٰلِكَ ۗ وَمَنْ يُّعَظِّمْ شَعَآئِرَ اللّٰهِ فَاِنَّهَا مِنْ
تَقْوَى الْقُلُوْبِ ﴿۳۲﴾ لَكُمْ فِيْهَا مَنَافِعُ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ثُمَّ
مَحِلُّهَآ اِلَى الْبَيْتِ الْعَتِيْقِ ﴿۳۳﴾ ع وَلِكُلِّ اُمَّةٍ جَعَلْنَا مَنْسَكًا
لِّيَذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ عَلٰى مَا رَزَقَهُمْ مِّنْۢ بَهِيْمَةِ الْاَنْعَامِ ؕ
فَاِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ فَلَهٗٓ اَسْلِمُوْا ؕ وَبَشِّرِ الْمُخْبِتِيْنَ ﴿۳۴﴾ ۙ
الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَجِلَتْ قُلُوْبُهُمْ وَالصّٰبِرِيْنَ عَلٰى
مَآ اَصَابَهُمْ وَالْمُقِيْمِي الصَّلٰوةِ ۙ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿۳۵﴾
وَالْبُدْنَ جَعَلْنٰهَا لَكُمْ مِّنْ شَعَآئِرِ اللّٰهِ لَكُمْ فِيْهَا خَيْرٌ ۖ ق
فَاذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ عَلَيْهَا صَوَآفَّ ۚ فَاِذَا وَجَبَتْ جُنُوْبُهَا
فَكُلُوْا مِنْهَا وَاَطْعِمُوا الْقَانِعَ وَالْمُعْتَرَّ ؕ كَذٰلِكَ سَخَّرْنٰهَا
لَكُمْ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۳۶﴾ لَنْ يَّنَالَ اللّٰهَ لُحُوْمُهَا وَلَا
دِمَآؤُهَا وَلٰكِنْ يَّنَالُهُ التَّقْوٰى مِنْكُمْ ؕ كَذٰلِكَ سَخَّرَهَا
لَكُمْ لِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ عَلٰى مَا هَدٰىكُمْ ؕ وَبَشِّرِ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۳۷﴾

الله ڏانھن ھڪ طرفا ٿي (۽) ساڻس شريڪ نہ مقرر ڪندڙ ٿي، (پاسو ڪريو)- ۽ جيڪو الله سان شريڪ مقرر ڪندو سو ڄڻڪ آسمان کان ڪِريو جنھن کي (مردار خور) پکي ڪٽي ويا يا ڪيس واءُ (اُڏائي) پري ھنڌ اُڇليو (٣١). اِھو (حڪم) آھي ۽ جيڪو الله جي (عبادت جي) نشانين جو ادب ڪري (بتن ۽ ڪوڙ کان پاڻ پلي سو پرھيزگار آھي) ڇو تہ اِھو (ڪم) دلين جي پرھيزگاري مان آھي (٣٢). اوھان لاءِ اُنھن (ڏورن) ۾ گھڻا نفعا مقرر مدت تائين آھن وري قديم گھر ڏانھن (ڪسڻ لاءِ) پھچڻ جو ھنـڌ اُتـن (٣٣). ۽ ھر ڪنھن ٽوليءَ لاءِ قرباني جو طريقو، ھن لاءِ مقرر ڪيو سون تہ ڪين ڏورن مان جيڪا روزي الله ڏني تنھن تي (قرباني ڪرڻ مھل) الله جو نالو ياد ڪن- پوءِ اوھان جو معبود ھڪ الله آھي تنھن ڪري سندس حڪم مڃيو- ۽ اُنھن عاجزي ڪندڙن کي خوشخبري ڏي (٣٤). جن جون دليون جڏھن الله ياد ڪبو آھي (تڏھن) ٿڙڪنديون آھن ۽ (پڻ اُنھن ماڻھن کي جو) جيڪي مٿن آيو تنھن تي صبر ڪندڙ آھن ۽ نماز پڙھندڙ آھن ۽ ڪين جيڪا روزي ڏني سون تنھن مان خرچيندا آھن (٣٥). ۽ قرباني وارن اُٺـن کي اوھان لاءِ الله جي عبادت جي نشانين مان ڪيوسون منجھس اوھان لاءِ ڀلائي آھي پوءِ (قرباني ڪرڻ مھل) قطار ٻڌائي، مٿن الله جو نالو ياد ڪريو، پوءِ جڏھن اُھي (ڪسجڻ کان بعد) پاسن ڀر ليٽن تڏھن منجھانئن کائو- ۽ (فقيرن مان) گھرندڙ ۽ نہ گھرندڙ کي کارايو- اھڙيءَ طرح اُھي اوھان کي تابع ڪري ڏنا سون تہ مانَ اوھين شڪرانو ڪريو (٣٦). نڪي اُنھن (قربانين) جو گوشت ۽ نڪي اُنھن جو رت الله کي پھچندو آھي پر اوھان جي پرھيزگاري الله کي پھچندي آھي- اھڙي طرح اھي (جانور) اوھان کي تابع ڪري ڏنائين تہ جيئن اوھين الله جي وڏائي (ھن شڪراني سببان) بيان ڪريو جو اوھان کي ھدايت ڪيائين- ۽ ڀلارن کي خوشخبري ڏي (٣٧).

اِنَّ اللّٰهَ يُدٰفِعُ عَنِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ كُلَّ
خَوَّانٍ كَفُوْرٍ ۝۳۸ ع اُذِنَ لِلَّذِيْنَ يُقٰتَلُوْنَ بِاَنَّهُمْ ظُلِمُوْا ۭ وَاِنَّ اللّٰهَ
عَلٰي نَصْرِهِمْ لَقَدِيْرُ ۝۳۹ لا الَّذِيْنَ اُخْرِجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ بِغَيْرِ حَقٍّ
اِلَّآ اَنْ يَّقُوْلُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ۭ وَلَوْلَا دَفْعُ اللّٰهِ النَّاسَ بَعْضَهُمْ
بِبَعْضٍ لَّهُدِّمَتْ صَوَامِعُ وَبِيَعٌ وَّصَلَوٰتٌ وَّمَسٰجِدُ يُذْكَرُ
فِيْهَا اسْمُ اللّٰهِ كَثِيْرًا ۭ وَلَيَنْصُرَنَّ اللّٰهُ مَنْ يَّنْصُرُهٗ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَقَوِيٌّ
عَزِيْزٌ ۝۴۰ اَلَّذِيْنَ اِنْ مَّكَّنّٰهُمْ فِي الْاَرْضِ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا
الزَّكٰوةَ وَاَمَرُوْا بِالْمَعْرُوْفِ وَنَهَوْا عَنِ الْمُنْكَرِ ۭ وَلِلّٰهِ عَاقِبَةُ
الْاُمُوْرِ ۝۴۱ وَاِنْ يُّكَذِّبُوْكَ فَقَدْ كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ وَّعَادٌ
وَّثَمُوْدُ ۝۴۲ لا وَقَوْمُ اِبْرٰهِيْمَ وَقَوْمُ لُوْطٍ ۝۴۳ لا وَّاَصْحٰبُ مَدْيَنَ ج وَكُذِّبَ
مُوْسٰى فَاَمْلَيْتُ لِلْكٰفِرِيْنَ ثُمَّ اَخَذْتُهُمْ ج فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ۝۴۴
فَكَاَيِّنْ مِّنْ قَرْيَةٍ اَهْلَكْنٰهَا وَهِيَ ظَالِمَةٌ فَهِيَ خَاوِيَةٌ عَلٰي عُرُوْشِهَا
وَبِئْرٍ مُّعَطَّلَةٍ وَّقَصْرٍ مَّشِيْدٍ ۝۴۵ اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَتَكُوْنَ
لَهُمْ قُلُوْبٌ يَّعْقِلُوْنَ بِهَآ اَوْ اٰذَانٌ يَّسْمَعُوْنَ بِهَا ۚ فَاِنَّهَا لَا
تَعْمَى الْاَبْصَارُ وَلٰكِنْ تَعْمَى الْقُلُوْبُ الَّتِيْ فِي الصُّدُوْرِ ۝۴۶

بيشڪ الله مؤمنن کان (سندن ويري) ٽاريندو آهي- ڇو تہ الله هر خيانت ڪندڙ بي شڪر کي دوست نہ رکندو آهي (٣٨). جن سان (ڪافر) وڙهندا آهن تن کي (جهاد لاءِ) اُنهي ڪري موڪل ڏني ويئي جو اُنهن تي ظلم ڪيو ويو آهي- ۽ بيشڪ الله ڪين مدد ڏيڻ تي وس وارو آهي (٣٩). جن کي پنهنجن ديسن مان ناحق (هن ڪري) لوڏيو ويو جو (هن) چوڻ کان سواءِ (ٻيو) نہ ڇيو تہ اسان جو پالڻهار الله آهي- ۽ جيڪڏهن ڪن ماڻهن سان ڪن کي الله نہ ٽاري ها تہ (جيڪر) خانقاهون ۽ گرجائون ۽ ڪنيسا ۽ مسجدون جن ۾ الله جو نالو گهڻو ياد ڪبو آهي سي ضرور ڊاٺيون وڃن ها- ۽ جيڪو الله (جي دين) جي مدد ڪندو آهي تنهن کي الله ضرور مدد ڏيندو آهي- بيشڪ الله زبردست (۽) زور وارو آهي (٤٠). اُنهن ماڻهن کي جو جيڪڏهن زمين ۾ غلبو ڏينداسون تہ نماز قائم ڪندا ۽ زڪواة ڏيندا ۽ چڱن ڪمن جو حڪم ڪندا ۽ برن ڪمن کان روڪيندا- ۽ سڀني ڪمن جي پڇاڙي الله لاءِ آهي (٤١). ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن توکي ڪوڙو ڀانئين تہ بيشڪ کانئن اڳ نوح جي قوم ۽ عادين ۽ ثمودين (پيغمبرن کي) ڪوڙو ڄاتو هو (٤٢). ۽ ابراهيم جي قوم ۽ لوط جي قوم (بہ) (٤٣). ۽ مدين وارن (بہ پنهنجي پيغمبر کي ڪوڙو ڄاتو)، ۽ موسيٰ کي (بہ) ڪوڙو ڄاتو ويو پوءِ اُنهن ڪافرن کي ڍر ڏنم وري ڪين پڪڙيم، پوءِ منهنجي سزا ڪهڙي (نہ سخت) هئي! (٤٤). پوءِ ڪيترائي ڳوٺ آهن جن کي ناس ڪيوسون ۽ اُهي ظالم هئا پوءِ اُهي پنهنجن ڇتين سميت ڊٺل آهن ۽ گهڻا کوه اُجڙيل ۽ ڪيئي بلند ماڙيون (سڃيون پيون) آهن (٤٥). پوءِ ملڪن ۾ نہ گهميا آهن ڇا؟ تہ ڪين (اهڙيون) دليون هجن جن سان اُهي سمجهن ۽ ڪين (اهڙا) ڪن هجن جن سان ٻڌن، بيشڪ هيءَ (حالت) آهي تہ سندن اکيون انڌيون نہ آهن پر دليون انڌيون اٿن جيڪي (سندن) سينن ۾ آهن (٤٦).

وَيَسْتَعْجِلُوْنَكَ بِالْعَذَابِ وَلَنْ يُّخْلِفَ اللّٰهُ وَعْدَهٗ ؕ وَاِنَّ يَوْمًا
عِنْدَ رَبِّكَ كَاَلْفِ سَنَةٍ مِّمَّا تَعُدُّوْنَ ﴿۴۷﴾ وَكَاَيِّنْ مِّنْ قَرْيَةٍ
اَمْلَيْتُ لَهَا وَهِيَ ظَالِمَةٌ ثُمَّ اَخَذْتُهَا ۚ وَاِلَيَّ الْمَصِيْرُ ﴿۴۸﴾ قُلْ
يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّمَاۤ اَنَا لَكُمْ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿۴۹﴾ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ
عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ﴿۵۰﴾ وَالَّذِيْنَ سَعَوْا
فِيْۤ اٰيٰتِنَا مُعٰجِزِيْنَ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿۵۱﴾ وَمَاۤ اَرْسَلْنَا
مِنْ قَبْلِكَ مِنْ رَّسُوْلٍ وَّلَا نَبِيٍّ اِلَّاۤ اِذَا تَمَنّٰۤى اَلْقَى الشَّيْطٰنُ
فِيْۤ اُمْنِيَّتِهٖ ۚ فَيَنْسَخُ اللّٰهُ مَا يُلْقِي الشَّيْطٰنُ ثُمَّ يُحْكِمُ اللّٰهُ
اٰيٰتِهٖ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿۵۲﴾ لِّيَجْعَلَ مَا يُلْقِي الشَّيْطٰنُ
فِتْنَةً لِّلَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ وَّالْقَاسِيَةِ قُلُوْبُهُمْ ؕ وَ
اِنَّ الظّٰلِمِيْنَ لَفِيْ شِقَاقٍۭ بَعِيْدٍ ﴿۵۳﴾ وَّلِيَعْلَمَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا
الْعِلْمَ اَنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَيُؤْمِنُوْا بِهٖ فَتُخْبِتَ لَهٗ
قُلُوْبُهُمْ ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ لَهَادِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۵۴﴾
وَلَا يَزَالُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِيْ مِرْيَةٍ مِّنْهُ حَتّٰى تَاْتِيَهُمُ
السَّاعَةُ بَغْتَةً اَوْ يَاْتِيَهُمْ عَذَابُ يَوْمٍ عَقِيْمٍ ﴿۵۵﴾

۽ (اي پيغمبر!) توکان عذاب جو جلد اچڻ گهرندا آهن ۽ الله پنهنجو انجام ڪڏهن اُبتڙ نہ ڪندو۔ ۽ تنهنجي پالڻهار وٽ هڪ ڏينهن اوهان جي ڳاڻيٽي جي هزار وره جي برابر آهي (۴۷) . ۽ گهڻا ڳوٺ آهن جن کي مهلت ڏنم ۽ اُهي ظالم هئا وري کين پڪڙيم، ۽ مون ڏانهن موٽڻ آهي (۴۸) . (اي پيغمبر!) چؤ تہ اي انسانؤ! آءٌ اوهان کي رڳو پڌرو ديڄاريندڙ آهيان (۴۹) . پوءِ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ بخشش ۽ عزت واري روزي آهي (۵۰) . ۽ جيڪي اسان جي آيتن جي جهڪي ڪرڻ ۾ ڊوڙيا سي دوزخي آهن (۵۱) . ۽ (اي پيغمبر!) توکان اڳ نہ ڪوئي پيغمبر، ۽ نہ ڪوئي نبي موڪليوسون پر جڏهن ڪا (انساني) آرزو ڪيائون تڏهن شيطان سندس آرزوءَ ۾ (حرڪت) وجهڻ لڳو، پوءِ جيڪي شيطان وڌو سو الله متائيندو رهيو وري الله پنهنجن آيتن کي محڪم ڪري ٿو۔ ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (۵۲) . هن لاءِ تہ جيڪا شيطان (حرڪت) وڌي تنهن سان اُنهن کي (ڏار ڪري) پرکي جن کي دلين ۾ بيماري آهي ۽ سندن دليون سخت آهن۔ ۽ بيشڪ ظالم وڏي ڦيٽي ۾ آهن (۵۳) . ۽ تہ جن کي علم ڏنو ويو سي ڄاڻن تہ اُهو تنهنجي پالڻهار وٽان سچ آهي پوءِ اُن تي ايمان آڻين ۽ سندن دليون الله لاءِ عاجزي ڪن۔ ۽ بيشڪ الله مؤمنن کي سڌي واٽ ڏانهن ضرور رستو ڏيکاريندڙ آهي (۵۴) . ۽ ڪافر اُنهي (وحي) کان (ايسين) سدائين شڪ ۾ هوندا جيسين اوچتو وٽن قيامت پهچي يا نياڳي ڏينهن جو عذاب وٽن پهچي (۵۵) .

اَلْمُلْكُ يَوْمَئِذٍ لِّلّٰهِ ؕ يَحْكُمُ بَيْنَهُمْ ؕ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ
عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فِيْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿٥٦﴾ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ
كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا فَاُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿٥٧﴾ ع وَالَّذِيْنَ
هَاجَرُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ قُتِلُوْٓا اَوْ مَاتُوْا لَيَرْزُقَنَّهُمُ
اللّٰهُ رِزْقًا حَسَنًا ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ لَهُوَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿٥٨﴾
لَيُدْخِلَنَّهُمْ مُّدْخَلًا يَّرْضَوْنَهٗ ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ لَعَلِيْمٌ
حَلِيْمٌ ﴿٥٩﴾ ذٰلِكَ ۚ وَمَنْ عَاقَبَ بِمِثْلِ مَا عُوْقِبَ بِهٖ
ثُمَّ بُغِيَ عَلَيْهِ لَيَنْصُرَنَّهُ اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَعَفُوٌّ غَفُوْرٌ ﴿٦٠﴾
ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ يُوْلِجُ الَّيْلَ فِي النَّهَارِ وَيُوْلِجُ النَّهَارَ
فِي الَّيْلِ وَاَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ ۢ بَصِيْرٌ ﴿٦١﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ هُوَ
الْحَقُّ وَاَنَّ مَا يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ هُوَ الْبَاطِلُ وَاَنَّ
اللّٰهَ هُوَ الْعَلِيُّ الْكَبِيْرُ ﴿٦٢﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ اَنْزَلَ
مِنَ السَّمَآءِ مَآءً ۡ فَتُصْبِحُ الْاَرْضُ مُخْضَرَّةً ؕ اِنَّ
اللّٰهَ لَطِيْفٌ خَبِيْرٌ ﴿٦٣﴾ ۚ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا
فِي الْاَرْضِ ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ لَهُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿٦٤﴾ ع

اُنهيءَ ڏينهن الله جي بادشاهي آهي. (اُهو) سندن وچ ۾ نبيرو ڪندو. پوءِ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا سي نعمتن وارن باغن ۾ هوندا (٥٦). ۽ جن انڪار ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڀانيو سي اُهي آهن جن لاءِ خواري وارو عذاب آهي (٥٧). ۽ جن الله جي واٽ ۾ ديس ڇڏيو وري ڪسجي ويا يا مُئا تن کي الله چڱو رزق ڏيندو. ۽ الله چڱو روزي ڏيندڙ آهي (٥٨). جو هنڌ هنن کي وڻندو تنهن ۾ ضرور کين داخل ڪندو. ۽ بيشڪ الله ضرور ڄاڻندڙ بردبار آهي (٥٩). اِهو (فيصلو) آهي، ۽ جيڪو جيترو ايذايو ويو اوترو ايذائي، وري مٿس زيادتي ڪئي وڃي ته اُن (ايذايل) کي الله مدد ڏيندو. بيشڪ الله معافي ڏيندڙ بخشڻهار آهي (٦٠). اها (مدد) هن سببان آهي ته الله رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪندو آهي ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل ڪندو آهي ۽ (هن ڪري) ته الله ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي (٦١). اِها (مدد) هن ڪري آهي ته الله پاڻ برحق آهي ۽ الله کان سواءِ جنهن کي سڏيندا آهن سو ڪوڙو آهي ۽ (هن ڪري) ته الله ئي مٿاهون تمام وڏو آهي (٦٢). (اي پيغمبر!) نه ڏٺو اٿيئي ڇا ته الله آسمان مان (مينهن جو) پاڻي وسايو؟ پوءِ زمين ساول واري ٿيندي آهي. ڇو ته الله لطف ڪندڙ خبر رکندڙ آهي (٦٣). جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو الله جو آهي. ۽ الله ضرور بي پرواهه ساراهيل آهي (٦٤).

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ سَخَّرَ لَكُمْ مَّا فِی الْاَرْضِ وَ الْفُلْكَ تَجْرِیْ
فِی الْبَحْرِ بِاَمْرِهٖ ؕ وَ یُمْسِكُ السَّمَآءَ اَنْ تَقَعَ عَلَی الْاَرْضِ
اِلَّا بِاِذْنِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِالنَّاسِ لَرَءُوْفٌ رَّحِیْمٌ ﴿۶۵﴾ وَ هُوَ الَّذِیْۤ
اَحْیَاكُمْ ؗ ثُمَّ یُمِیْتُكُمْ ثُمَّ یُحْیِیْكُمْ ؕ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَكَفُوْرٌ ﴿۶۶﴾
لِكُلِّ اُمَّةٍ جَعَلْنَا مَنْسَكًا هُمْ نَاسِكُوْهُ فَلَا یُنَازِعُنَّكَ فِی
الْاَمْرِ وَ ادْعُ اِلٰی رَبِّكَ ؕ اِنَّكَ لَعَلٰی هُدًی مُّسْتَقِیْمٍ ﴿۶۷﴾
وَ اِنْ جٰدَلُوْكَ فَقُلِ اللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿۶۸﴾ اَللّٰهُ
یَحْكُمُ بَیْنَكُمْ یَوْمَ الْقِیٰمَةِ فِیْمَا كُنْتُمْ فِیْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿۶۹﴾ اَلَمْ
تَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ یَعْلَمُ مَا فِی السَّمَآءِ وَ الْاَرْضِ ؕ اِنَّ ذٰلِكَ فِیْ كِتٰبٍ ؕ
اِنَّ ذٰلِكَ عَلَی اللّٰهِ یَسِیْرٌ ﴿۷۰﴾ وَ یَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا
لَمْ یُنَزِّلْ بِهٖ سُلْطٰنًا وَّ مَا لَیْسَ لَهُمْ بِهٖ عِلْمٌ ؕ وَ مَا لِلظّٰلِمِیْنَ
مِنْ نَّصِیْرٍ ﴿۷۱﴾ وَ اِذَا تُتْلٰی عَلَیْهِمْ اٰیٰتُنَا بَیِّنٰتٍ تَعْرِفُ فِیْ
وُجُوْهِ الَّذِیْنَ كَفَرُوا الْمُنْكَرَ ؕ یَكَادُوْنَ یَسْطُوْنَ بِالَّذِیْنَ
یَتْلُوْنَ عَلَیْهِمْ اٰیٰتِنَا ؕ قُلْ اَفَاُنَبِّئُكُمْ بِشَرٍّ مِّنْ ذٰلِكُمْ ؕ
اَلنَّارُ ؕ وَعَدَهَا اللّٰهُ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا ؕ وَ بِئْسَ الْمَصِیْرُ ﴿۷۲﴾ ع

(اي پيغمبر!) نہ ڏٺو اٿيئي ڇا تہ جيڪي زمين ۾ آهي سو الله اوهان لاءِ نوايو آهي ۽ ٻيڙيون درياءَ ۾ سندس حڪم سان ترنديون آهن- ۽ آسمان کي زمين تي ڪِرڻ کان جهليندو آهي پر (جي ڪيرائيس تہ) سندس اختيار آهي- بيشڪ الله ماڻهن تي ٻاجهارو مهربان آهي (٦٥) . ۽ اُهو ئي آهي جنهن اوهان کي جياريو وري اوهان کي ماريندو وري اوهان کي جياريندو- بيشڪ انسان بي شڪر آهي (٦٦) . سڀ ڪنهن ٽولي لاءِ هڪ شريعت مقرر ڪئي سون جنهن تي اُهي عمل ڪندڙ آهن پوءِ جڳائين تہ توسان هن ڪم ۾ جهڳڙو نہ ڪن ۽ (تون) پنهنجي پالڻهار ڏانهن (ماڻهن کي) سڏيندو رهہ- بيشڪ تون سڌي واٽ تي آهين (٦٧) . ۽ جيڪڏهن توسان جهڳڙو ڪن تہ چؤ تہ جيڪي ڪندا آهيو تنهن کي الله چڱو ڄاڻندڙ آهي (٦٨) . جنهن بابت اوهين تڪرار ڪندا آهيو تنهن بابت قيامت جي ڏينهن الله اوهان جي وچ ۾ نبيرو ڪندو (٦٩) . (اي پيغمبر!) معلوم نہ اٿيئي ڇا تہ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو الله ڄاڻندو آهي؟ بيشڪ اها (ڳالهہ) ڪتاب (لوح محفوظ) ۾ (لکيل) آهي- بيشڪ اُهو الله تي آسان آهي (٧٠) . ۽ (ڪافر) الله کان سواءِ اُنهيءَ کي پوڄيندا آهن جنهن لاءِ ڪا سند نہ لاٿي اٿس ۽ (پڻ) اُنهيءَ کي (پوڄيندا آهن) جنهن جي ڪين ڪا خبر نہ آهي- ۽ ظالمن جو ڪو مددگار ڪونهي (٧١) . ۽ جڏهن اسان جون چٽيون آيتون کين پڙهي ٻڌائبيون آهن تڏهن ڪافرن جي منهن ۾ ناراضپو سڃاڻندو آهين- جيڪي مٿن اسان جون آيتون پڙهندا آهن تن تي ڪاهي پوڻ لاءِ ويجها ٿيندا آهن- (اي پيغمبر!) کين چؤ تہ هن کان وڌيڪ بڇڙي ڳالهہ جي سُڌ اوهان کي ڏيان ڇا؟ (اُها) باهہ آهي- جنهن جو الله ڪافرن کي انجام ڏنو آهي- ۽ اُها جاءِ بڇڙي آهي (٧٢) .

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ ضُرِبَ مَثَلٌ فَاسْتَمِعُوْا لَهٗ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ
تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَنْ يَّخْلُقُوْا ذُبَابًا وَّلَوِ
اجْتَمَعُوْا لَهٗ ؕ وَاِنْ يَّسْلُبْهُمُ الذُّبَابُ شَيْـًٔا لَّا يَسْتَنْقِذُوْهُ
مِنْهُ ؕ ضَعُفَ الطَّالِبُ وَالْمَطْلُوْبُ ﴿۷۳﴾ مَا قَدَرُوا اللّٰهَ
حَقَّ قَدْرِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَقَوِىٌّ عَزِيْزٌ ﴿۷۴﴾ اَللّٰهُ يَصْطَفِىْ مِنَ
الْمَلٰٓئِكَةِ رُسُلًا وَّمِنَ النَّاسِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ ۢ بَصِيْرٌ ﴿۷۵﴾ ۚ
يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ ؕ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ
الْاُمُوْرُ ﴿۷۶﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا ارْكَعُوْا وَاسْجُدُوْا وَ
اعْبُدُوْا رَبَّكُمْ وَافْعَلُوا الْخَيْرَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۷۷﴾ ۚ
وَجَاهِدُوْا فِى اللّٰهِ حَقَّ جِهَادِهٖ ؕ هُوَ اجْتَبٰىكُمْ وَمَا
جَعَلَ عَلَيْكُمْ فِى الدِّيْنِ مِنْ حَرَجٍ ؕ مِلَّةَ اَبِيْكُمْ
اِبْرٰهِيْمَ ؕ هُوَ سَمّٰىكُمُ الْمُسْلِمِيْنَ ۙ۬ مِنْ قَبْلُ وَفِىْ هٰذَا
لِيَكُوْنَ الرَّسُوْلُ شَهِيْدًا عَلَيْكُمْ وَتَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ عَلَى
النَّاسِ ۖۚ فَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَاعْتَصِمُوْا
بِاللّٰهِ ؕ هُوَ مَوْلٰىكُمْ ۚ فَنِعْمَ الْمَوْلٰى وَنِعْمَ النَّصِيْرُ ﴿۷۸﴾ ع

اي انسانو! هڪ مثال بيان ڪجي ٿو اُهو اوهين ٻڌو. بيشڪ الله کان سواءِ جن کي سڏيندا آهيو سي ڪا مک به پيدا نه ڪندا آهن توڻيڪ اُن (جي ٺاهڻ) لاءِ سڀئي گڏ ٿين. ۽ جيڪڏهن مک کائن ڪا شيءِ کسي وٺي ته اُها کائنس ڇڏائي به نه سگهندا. طالب ۽ مطلوب (يعني پوڄاري ۽ بت) ٻئي هيڻا آهن (٧٣). جهڙو الله جو قدر آهي (تهڙو) سندس قدر بجاءِ نه آندائون. بيشڪ الله ڏاڍو طاقتور (۽) غالب آهي (٧۴). الله ملائڪن ۽ ماڻهن مان پيغام پهچائڻ وارا چونڊيندو آهي. بيشڪ الله ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي (٧٥). جيڪي سندن اڳيان ۽ جيڪي سندن پويان آهي سو (الله) ڄاڻندو آهي. ۽ الله ڏانهن سڀ ڪم موٽايا وڃن ٿا (٧٦). اي ايمان وارؤ! رڪوع ڪريو ۽ سجدو ڪريو ۽ پنهنجي پالڻهار جي عبادت ڪريو ۽ چڱا ڪم ڪريو ته مانَ (اوهين) ڇٽو (٧٧). ۽ الله (جي دين) ۾ اهڙو جهاد ڪريو جهڙو اُن جي جهاد جو حق آهي. اُنهيءَ اوهان کي چونڊيو ۽ اوهان تي دين ۾ ڪا تنگي نه ڪيائين. اوهان جي پيءُ ابراهيم وارو دين (اوهان جو دين ڪيائين). الله اوهان جو نالو هن کان اڳ ۽ هن (قرآن) ۾ مسلمان هن لاءِ رکيو ته پيغمبر (محمد ﷺ) اوهان تي شاهد هجي ۽ اوهين ماڻهن تي شاهد هجو، پوءِ نماز قائم ڪريو ۽ زڪواة ڏيو ۽ الله کي چنبڙي وٺو. (جو) اُهو اوهان جو سائين آهي، پوءِ چڱو سائين ۽ چڱو مددگار آهي (٧٨).

# سُورَةُ المُؤْمِنُونَ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

قَدْ اَفْلَحَ الْمُؤْمِنُوْنَ ۙ﴿۱﴾ الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ صَلَاتِهِمْ
خٰشِعُوْنَ ۙ﴿۲﴾ وَالَّذِيْنَ هُمْ عَنِ اللَّغْوِ مُعْرِضُوْنَ ۙ﴿۳﴾ وَالَّذِيْنَ
هُمْ لِلزَّكٰوةِ فٰعِلُوْنَ ۙ﴿۴﴾ وَالَّذِيْنَ هُمْ لِفُرُوْجِهِمْ حٰفِظُوْنَ ۙ﴿۵﴾ اِلَّا
عَلٰۤى اَزْوَاجِهِمْ اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ فَاِنَّهُمْ غَيْرُ مَلُوْمِيْنَ ۚ﴿۶﴾ فَمَنِ
ابْتَغٰى وَرَآءَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْعٰدُوْنَ ۚ﴿۷﴾ وَالَّذِيْنَ هُمْ
لِاَمٰنٰتِهِمْ وَعَهْدِهِمْ رٰعُوْنَ ۙ﴿۸﴾ وَالَّذِيْنَ هُمْ عَلٰى صَلَوٰتِهِمْ يُحَافِظُوْنَ ﴿۹﴾
اُولٰٓئِكَ هُمُ الْوٰرِثُوْنَ ۙ﴿۱۰﴾ الَّذِيْنَ يَرِثُوْنَ الْفِرْدَوْسَ ؕ هُمْ فِيْهَا
خٰلِدُوْنَ ﴿۱۱﴾ وَلَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنْ سُلٰلَةٍ مِّنْ طِيْنٍ ۚ﴿۱۲﴾
ثُمَّ جَعَلْنٰهُ نُطْفَةً فِيْ قَرَارٍ مَّكِيْنٍ ۪﴿۱۳﴾ ثُمَّ خَلَقْنَا النُّطْفَةَ عَلَقَةً
فَخَلَقْنَا الْعَلَقَةَ مُضْغَةً فَخَلَقْنَا الْمُضْغَةَ عِظٰمًا فَكَسَوْنَا الْعِظٰمَ
لَحْمًا ۗ ثُمَّ اَنْشَاْنٰهُ خَلْقًا اٰخَرَ ؕ فَتَبٰرَكَ اللّٰهُ اَحْسَنُ الْخٰلِقِيْنَ ؕ﴿۱۴﴾
ثُمَّ اِنَّكُمْ بَعْدَ ذٰلِكَ لَمَيِّتُوْنَ ؕ﴿۱۵﴾ ثُمَّ اِنَّكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ تُبْعَثُوْنَ ﴿۱۶﴾
وَلَقَدْ خَلَقْنَا فَوْقَكُمْ سَبْعَ طَرَآئِقَ ۖ وَمَا كُنَّا عَنِ الْخَلْقِ غٰفِلِيْنَ ﴿۱۷﴾

سورة مؤمنون مکي آهي ۽ هن ۾ هڪ سؤ
ارڙهن آيتون ۽ ڇهه رڪوع آهن.

اللّٰه ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

بيشڪ (اُهي) مؤمن ڪامياب ٿيا (١). جيڪي پنهنجيءَ نماز ۾ عاجزي ڪندڙ آهن (٢). ۽ جيڪي اجائي ڳالهه کان منهن موڙيندڙ آهن (٣). ۽ جي زڪواة ادا ڪندڙ آهن (۴). ۽ جي پنهجين اگهڙن کي (زنا کان) بچائيندڙ آهن (٥). رڳو پنهنجي زالن يا پنهنجن ٻانهين سان (ڳنڍ ٿيندا آهن) پوءِ بيشڪ اهي ملامت ڪيل نہ آهن (٦). پوءِ جيڪي انهن (پنهنجن زالن يا پنهنجن ٻانهين) کان سواءِ طلبيندا سي ئي حد کان لنگهندڙ آهن (٧). ۽ جيڪي پنهنجي امانتن جي ۽ پنهنجي انجام جي رعايت ڪندڙ آهن (٨). ۽ جيڪي پنهنجن نمازن جي نگاهہ رکندا آهن (٩). اِهي اُهي ئي وارث آهن (١٠). جيڪي (نيٺ) بهشت جا وارث ٿيندا. اُهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن (١١). ۽ بيشڪ ماڻهوءَ کي مٽيءَ جي سَتَ مان بڻايوسون (١٢). وري ان کي نطفو ڪري محڪم جاءِ ۾ رکيوسون (١٣). وري (اُن) نطفي کي رت جو دڳ بڻايوسون وري (اُن) رت جي دڳ کي ٻوٽي بڻايوسون وري (اُن) ٻوٽيءَ کي هڏا بڻاياسون پوءِ (انهن) هڏن کي گوشت پهرايوسون وري ان کي ٻي (نئين) بڻاوت بڻائي سون. پوءِ اللّٰه (وڏيءَ) برڪت وارو (سڀ کان) وڌيڪ سهڻو خلقيندڙ آهي (١۴). وري بيشڪ اوهين ان کان پوءِ ضرور مرندؤ (١٥). وري بيشڪ اوهين قيامت جي ڏينهن اٿاربؤ (١٦). ۽ بيشڪ اوهان جي مٿان ست آسمان بڻاياسون ۽ بڻائڻ کان بي خبر نہ هئاسون (١٧).

وَاَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءًۢ بِقَدَرٍ فَاَسْكَنّٰهُ فِی الْاَرْضِ ۖ وَاِنَّا عَلٰی
ذَهَابٍۢ بِهٖ لَقٰدِرُوْنَ ۚ﴿۱۸﴾ فَاَنْشَاْنَا لَكُمْ بِهٖ جَنّٰتٍ مِّنْ نَّخِیْلٍ وَّ
اَعْنَابٍ لَكُمْ فِیْهَا فَوَاكِهُ كَثِیْرَةٌ وَّمِنْهَا تَاْكُلُوْنَ ﴿۱۹﴾ وَشَجَرَةً
تَخْرُجُ مِنْ طُوْرِ سَیْنَآءَ تَنْۢبُتُ بِالدُّهْنِ وَصِبْغٍ لِّلْاٰكِلِیْنَ ﴿۲۰﴾ وَ
اِنَّ لَكُمْ فِی الْاَنْعَامِ لَعِبْرَةً ۚ نُسْقِیْكُمْ مِّمَّا فِیْ بُطُوْنِهَا وَلَكُمْ فِیْهَا
مَنَافِعُ كَثِیْرَةٌ وَّمِنْهَا تَاْكُلُوْنَ ۙ﴿۲۱﴾ وَعَلَیْهَا وَعَلَی الْفُلْكِ تُحْمَلُوْنَ ﴿۲۲﴾ ع
وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰی قَوْمِهٖ فَقَالَ یٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ
مِّنْ اِلٰهٍ غَیْرُهٗ ؕ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿۲۳﴾ فَقَالَ الْمَلَؤُا الَّذِیْنَ كَفَرُوْا مِنْ
قَوْمِهٖ مَا هٰذَآ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ ۙ یُرِیْدُ اَنْ یَّتَفَضَّلَ عَلَیْكُمْ ؕ وَلَوْ شَآءَ
اللّٰهُ لَاَنْزَلَ مَلٰٓىِٕكَةً ۖۚ مَّا سَمِعْنَا بِهٰذَا فِیْۤ اٰبَآىِٕنَا الْاَوَّلِیْنَ ۚ﴿۲۴﴾ اِنْ هُوَ
اِلَّا رَجُلٌۢ بِهٖ جِنَّةٌ فَتَرَبَّصُوْا بِهٖ حَتّٰی حِیْنٍ ﴿۲۵﴾ قَالَ رَبِّ انْصُرْنِیْ
بِمَا كَذَّبُوْنِ ﴿۲۶﴾ فَاَوْحَیْنَاۤ اِلَیْهِ اَنِ اصْنَعِ الْفُلْكَ بِاَعْیُنِنَا وَ
وَحْیِنَا فَاِذَا جَآءَ اَمْرُنَا وَفَارَ التَّنُّوْرُ ۙ فَاسْلُكْ فِیْهَا مِنْ كُلٍّ
زَوْجَیْنِ اثْنَیْنِ وَاَهْلَكَ اِلَّا مَنْ سَبَقَ عَلَیْهِ الْقَوْلُ
مِنْهُمْ ۚ وَلَا تُخَاطِبْنِیْ فِی الَّذِیْنَ ظَلَمُوْا ۚ اِنَّهُمْ مُّغْرَقُوْنَ ﴿۲۷﴾

۽ آسمان کان پاڻي اندازي سان وسايوسون، پوءِ ان کي زمين ۾ رهايوسون ۽ بيشڪ اسين ان جي ورائي نيڻ تي وس وارا آهيون (١٨). پوءِ اُن سان کجين ۽ انگورن جا باغ اوهان لاءِ ڄماياسون. اوهان لاءِ انهن (باغن) ۾ گهڻا ميوا آهن ۽ انهن مان (ڪجهه) اوهين کائيندا آهيو (١٩). ۽ اُهو (زيتون جو) وڻ (پيدا ڪيوسون) جو طورسينا مان نڪرندو آهي (اهڙيءَ طرح) ڄمندو آهي، جو تيل ۽ کائڻ وارن لاءِ ڀوڙ پيدا ٿيندو آهي (٢٠). ۽ بيشڪ اوهان لاءِ ڍورن ۾ (به) عبرت آهي- (جو) جيڪي سندن پيٽن (يعني اوهن) ۾ آهي تنهن مان اوهان کي (کير) پياريندا آهيون ۽ اوهان لاءِ منجهن (ٻيا به) گهڻا فائدا آهن ۽ منجهانئن (ڪجهه) کائيندا (به) آهيو (٢١). ۽ انهن تي ۽ ٻيڙين تي اوهان کي سوار ڪبو آهي (٢٢). ۽ بيشڪ نوح کي سندس قوم ڏانهن موڪليوسون پوءِ چيائين ته اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو، ان کان سواءِ اوهان جو ڪو معبود نه آهي. پوءِ ڇو نه ڊڄندا آهيو؟ (٢٣). پوءِ سندس قوم مان جيڪي (سردار) ڪافر هئا، تن چيو ته هي رڳو اوهان جهڙو ماڻهو آهي، اوهان تي سرداري (حاصل) ڪرڻ گهرندو آهي. ۽ جيڪڏهن الله گهري ها ته ملائڪن کي موڪلي ها، اها (ڳالهه ته) پنهنجن اڳين ابن ڏاڏن ۾ نه ٻڌي سون (٢٤). اِهو ته رڳو هڪڙو ديوانو شخص آهي تنهن ڪري ان لاءِ هڪ وقت تائين ترسو (٢٥). (نوح) چيو اي منهنجا پالڻهار! مون کي مدد ڏي، انهيءَ ڪري جو مون کي ڪوڙو ڀانيائون (٢٦). پوءِ ڏانهس وحي ڪيوسون ته اسان جي اکين آڏو ۽ اسان جي حڪم سان ٻيڙي ٺاهه پوءِ جڏهن اسان جو حڪم اچي ۽ تنور اُڀامي تڏهن سڀ ڪنهن جوڙي مان ٻه ٻه (نر ۽ مادي) ۽ پنهنجي گهروارا منجهس چاڙهه پر منجهانئن جن بابت (هلاڪ ٿيڻ جو) حڪم ٿي چڪو (سي نه چاڙهه)، ۽ ظالمن بابت مون کي نه چؤ ڇو ته اهي ٻڏل آهن (٢٧).

فَاِذَا اسۡتَوَيۡتَ اَنۡتَ وَمَنۡ مَّعَكَ عَلَى الۡفُلۡكِ فَقُلِ الۡحَمۡدُ لِلّٰهِ
الَّذِىۡ نَجّٰٮنَا مِنَ الۡقَوۡمِ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۲۸﴾ وَقُلْ رَّبِّ اَنۡزِلۡنِىۡ مُنۡزَلًا مُّبٰرَكًا
وَّاَنۡتَ خَيۡرُ الۡمُنۡزِلِيۡنَ ﴿۲۹﴾ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ وَّاِنۡ كُنَّا لَمُبۡتَلِيۡنَ ﴿۳۰﴾
ثُمَّ اَنۡشَاۡنَا مِنۡۢ بَعۡدِهِمۡ قَرۡنًا اٰخَرِيۡنَ ۚ‏ ﴿۳۱﴾ فَاَرۡسَلۡنَا فِيۡهِمۡ رَسُوۡلًا
مِّنۡهُمۡ اَنِ اعۡبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمۡ مِّنۡ اِلٰهٍ غَيۡرُهٗ ؕ اَفَلَا تَتَّقُوۡنَ ﴿۳۲﴾ ع وَقَالَ
الۡمَلَاُ مِنۡ قَوۡمِهِ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا وَكَذَّبُوۡا بِلِقَآءِ الۡاٰخِرَةِ وَاَتۡرَفۡنٰهُمۡ
فِى الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا ۙ مَا هٰذَاۤ اِلَّا بَشَرٌ مِّثۡلُكُمۡ ۙ يَاۡكُلُ مِمَّا تَاۡكُلُوۡنَ مِنۡهُ
وَيَشۡرَبُ مِمَّا تَشۡرَبُوۡنَ ۙ ﴿۳۳﴾ وَلَـئِنۡ اَطَعۡتُمۡ بَشَرًا مِّثۡلَكُمۡ ۙ اِنَّكُمۡ اِذًا
لَّخٰسِرُوۡنَ ۙ ﴿۳۴﴾ اَيَعِدُكُمۡ اَنَّكُمۡ اِذَا مِتُّمۡ وَكُنۡتُمۡ تُرَابًا وَّعِظَامًا اَنَّكُمۡ
مُّخۡرَجُوۡنَ ۙ ﴿۳۵﴾ هَيۡهَاتَ هَيۡهَاتَ لِمَا تُوۡعَدُوۡنَ ۙ ﴿۳۶﴾ اِنۡ هِىَ اِلَّا
حَيَاتُنَا الدُّنۡيَا نَمُوۡتُ وَنَحۡيَا وَمَا نَحۡنُ بِمَبۡعُوۡثِيۡنَ ۙ ﴿۳۷﴾ اِنۡ هُوَ
اِلَّا رَجُلُ اۨفۡتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا وَّمَا نَحۡنُ لَهٗ بِمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۳۸﴾ قَالَ
رَبِّ انۡصُرۡنِىۡ بِمَا كَذَّبُوۡنِ ﴿۳۹﴾ قَالَ عَمَّا قَلِيۡلٍ لَّيُصۡبِحُنَّ نٰدِمِيۡنَ ﴿۴۰﴾ ع
فَاَخَذَتۡهُمُ الصَّيۡحَةُ بِالۡحَـقِّ فَجَعَلۡنٰهُمۡ غُثَآءً ۚ فَبُعۡدًا لِّلۡقَوۡمِ
الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۴۱﴾ ثُمَّ اَنۡشَاۡنَا مِنۡۢ بَعۡدِهِمۡ قُرُوۡنًا اٰخَرِيۡنَ ؕ ﴿۴۲﴾

پوءِ جڏهن ٻيڙي تي تون چڙهي ويهين ۽ تنهنجا سنگتي (ٻہ ويهن) تڏهن چؤ تہ سڀ ساراه انهيءَ الله کي جڳائي جنهن ظالمن جي قوم کان اسان کي بچايو (٢٨). ۽ چؤ تہ اي منهنجا پالڻهار! مون کي برڪت واري هنڌ لاهہ ۽ تون (سڀ کان) چڱو لاهيندڙ آهين (٢٩). بيشڪ هن (قصي) ۾ نشانيون آهن ۽ بيشڪ اسين پرکڻ وارا هئاسون (٣٠). وري کانئن پوءِ ٻيو جُڳ پيدا ڪيوسون (٣١). پوءِ منجهن هڪ پيغمبر اُنهن (جي قبيلي) مان موڪليوسون (تنهن چيو) تہ الله جي عبادت ڪريو، ان کان سواءِ اوهان جو ڪوبہ معبود نہ آهي، پوءِ ڇو نہ ڊڄندا آهيو؟ (٣٢). ۽ سندس قوم مان جن سردارن ڪفر ڪيو ۽ آخرت جي ملڻ کي ڪوڙ ڀانيو ۽ کين دنيا جي حياتيءَ ۾ آسودو بہ ڪيو هيوسون، تن چيو تہ هي (پيغمبر) رڳو اوهان جهڙو ماڻهو آهي (جو) جنهن (قسم) منجهان (اوهين) کائيندا آهيو، تنهن مان (اُهو بہ) کائيندو آهي ۽ جنهن (قسم) منجهان (اوهين) پيئندا آهيو تنهن مان (اهو بہ) پيئندو آهي (٣٣). ۽ جيڪڏهن پاڻ جهڙي ماڻهوءَ جو چيو مڃيندؤ تہ اوهين انهيءَ مهل ڇوٽي وارا ٿيندؤ (٣٤). اوهان سان انجام ڪندو آهي ڇا تہ جڏهن (اوهين) مرندؤ ۽ مٽي ۽ هڏا ٿيندؤ (تڏهن) اوهين ٻاهر ڪڍبؤ؟ (٣٥). جنهن جو اوهان کي انجام ڏجي ٿو سو (ٻڌڻ ۽ چوڻ کان) پري (بلڪل) پري آهي (٣٦). اسان جي رڳي هيءَ دنيا جي حياتي آهي (جنهن ۾) مرندا آهيون ۽ جيئندا آهيون ۽ اسين (وري جيئرا ٿي) اُٿڻ وارا نہ آهيون (٣٧). هيءُ رڳو هڪ ماڻهو آهي جنهن الله تي ڪوڙ ٻڌو آهي ۽ اسين کيس (ڪڏهن) مڃڻ وارا نہ آهيون (٣٨). (پيغمبر) چيو تہ منهنجا پالڻهار مون کي مدد ڏي هن ڪري جو مون کي ڪوڙو ڀانيائون (٣٩). (الله) فرمايو تہ، ٿوري مدت کان پوءِ پشيمان ٿيندا (٤٠). پوءِ کين سچي انجام جي ڪري دهڪي پڪڙيو پوءِ کين ڪُتو ڪيوسون، پوءِ ظالمن جي قوم تي لعنت هجي (٤١). وري کانئن پوءِ ٻيا جُڳ پيدا ڪياسون (٤٢).

مَا تَسْبِقُ مِنْ اُمَّةٍ اَجَلَهَا وَمَا يَسْتَاْخِرُوْنَ ﴿۴۳﴾ ثُمَّ اَرْسَلْنَا
رُسُلَنَا تَتْرَا ؕ كُلَّمَا جَآءَ اُمَّةً رَّسُوْلُهَا كَذَّبُوْهُ فَاَتْبَعْنَا بَعْضَهُمْ
بَعْضًا وَّجَعَلْنٰهُمْ اَحَادِيْثَ ۚ فَبُعْدًا لِّقَوْمٍ لَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۴۴﴾ ثُمَّ
اَرْسَلْنَا مُوْسٰى وَاَخَاهُ هٰرُوْنَ ۙ بِاٰيٰتِنَا وَسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿۴۵﴾ ۙ
اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ فَاسْتَكْبَرُوْا وَكَانُوْا قَوْمًا عَالِيْنَ ﴿۴۶﴾ ۚ فَقَالُوْۤا
اَنُؤْمِنُ لِبَشَرَيْنِ مِثْلِنَا وَقَوْمُهُمَا لَنَا عٰبِدُوْنَ ﴿۴۷﴾ ۚ فَكَذَّبُوْهُمَا
فَكَانُوْا مِنَ الْمُهْلَكِيْنَ ﴿۴۸﴾ وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ لَعَلَّهُمْ
يَهْتَدُوْنَ ﴿۴۹﴾ وَجَعَلْنَا ابْنَ مَرْيَمَ وَاُمَّهٗۤ اٰيَةً وَّاٰوَيْنٰهُمَاۤ اِلٰى
رَبْوَةٍ ذَاتِ قَرَارٍ وَّمَعِيْنٍ ﴿۵۰﴾ ۚ يٰۤاَيُّهَا الرُّسُلُ كُلُوْا مِنَ الطَّيِّبٰتِ
وَاعْمَلُوْا صَالِحًا ؕ اِنِّيْ بِمَا تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ﴿۵۱﴾ ؕ وَاِنَّ هٰذِهٖۤ اُمَّتُكُمْ اُمَّةً
وَّاحِدَةً وَّاَنَا رَبُّكُمْ فَاتَّقُوْنِ ﴿۵۲﴾ فَتَقَطَّعُوْۤا اَمْرَهُمْ بَيْنَهُمْ زُبُرًا ؕ
كُلُّ حِزْبٍۢ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُوْنَ ﴿۵۳﴾ فَذَرْهُمْ فِيْ غَمْرَتِهِمْ حَتّٰى
حِيْنٍ ﴿۵۴﴾ اَيَحْسَبُوْنَ اَنَّمَا نُمِدُّهُمْ بِهٖ مِنْ مَّالٍ وَّبَنِيْنَ ﴿۵۵﴾ ۙ نُسَارِعُ
لَهُمْ فِي الْخَيْرٰتِ ؕ بَلْ لَّا يَشْعُرُوْنَ ﴿۵۶﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ هُمْ مِّنْ خَشْيَةِ
رَبِّهِمْ مُّشْفِقُوْنَ ﴿۵۷﴾ ۙ وَالَّذِيْنَ هُمْ بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ يُؤْمِنُوْنَ ﴿۵۸﴾ ۙ

ڪائي ٻـولي ٻنهنجيءَ مدت کان نہ اڳي ويندي آهي ۽ نڪي (اُهي) دير ڪندا آهن (٤٣). وري لڳو لڳ پنهنجن پيغمبرن کي موڪليوسون، جڏهن بہ ڪنهن ٽوليءَ وٽ سندس پيغمبر آيو (تڏهن) ڪيس ڪوڙو ڄاتائون، پوءِ انهن کي هڪ ٻئي پٺيان (ناس) ڪيوسون ۽ کين (ٻين لاءِ) آکاڻيون ڪيوسون، پوءِ نہ مڃيندڙ قوم تي لعنت هجي (٤٤). وري پنهنجي نشانين ۽ پـڌريءَ حجت سـان موسيٰ ۽ سندس ڀاءُ هارون کي موڪليو سون (٤٥). فرعون ۽ سندن لشڪر ڏانهن، پوءِ (اُنهن) وڏائي ڪئي ۽ (اُهي) هٺيلي قوم هئا (٤٦). پوءِ چيائون تہ پاڻ جهڙن ٻـن ماڻهن تي ڇو ايمان آڻيون؟ ۽ سندن قوم (تہ) اسان جو ٻانهپو ڪندڙ آهي (٤٧). پوءِ انهن کي ڪوڙو ڄاتائون پوءِ هلاڪ ڪيلن مان ٿيا (٤٨). ۽ بيشڪ موسيٰ کي ڪتاب ڏنوسون تہ مَن اهي سڌو رستو لهن (٤٩). ۽ مريم جي پٽ کي ۽ سندس ماءُ کي هڪ نشاني ڪئي سون ۽ انهن کي سنئينءَ ۽ وهندڙ چشمن واري مٿاهين دڙي تي (رهڻ جي) جاءِ ڏسي سون (٥٠). (چيوسون تہ) اي پيغمبرؤ! سنئين شين مان کائو ۽ چڱا ڪم ڪريو. بيشڪ جيڪي ڪندا آهيو سو آءٌ ڄاڻيندڙ آهيان (٥١). ۽ بيشڪ اوهان جو هي دين هڪ دين آهي ۽ آءٌ اوهان جو پالڻهار آهيان، تنهن ڪري مون کان ڊڄو (٥٢). پوءِ (انهن) پنهنجي ڪم کي پاڻ ۾ ذرا ذرا ڪري ڇڏيو. سڀ ڪـنهن ٽوليءَ وٽ جـيڪي آهي، تنهن سان اها سرهي (رهندي) آهي (٥٣). پوءِ (اي پيغمبر!) کين سندس غفلت ۾ هڪ وقت تائين ڇڏي ڏي (٥٤). جنهن مال ۽ اولاد سان کين واڌارو ڏنو سون تنهن کي ڀائيندا آهن ڇا؟ (٥٥). تہ ڪا انهن لاءِ چڱاين ڏيڻ ۾ تڪڙ ٿا ڪريون (نہ!) بلڪ نہ سمجهندا آهن (٥٦). بيشڪ اُهي جيڪي پنهنجي پالڻهار جي ڀؤ کان ڊڄندڙ آهن (٥٧). ۽ اُهي جيڪي پنهنجي پالڻهار جي نشانين تي ايمان آڻيندا آهن (٥٨).

وَالَّذِيْنَ هُمْ بِرَبِّهِمْ لَا يُشْرِكُوْنَ ﴿۵۹﴾ وَالَّذِيْنَ يُؤْتُوْنَ مَآ اٰتَوْا وَّ
قُلُوْبُهُمْ وَجِلَةٌ اَنَّهُمْ اِلٰى رَبِّهِمْ رٰجِعُوْنَ ﴿۶۰﴾ اُولٰٓئِكَ يُسٰرِعُوْنَ
فِى الْخَيْرٰتِ وَهُمْ لَهَا سٰبِقُوْنَ ﴿۶۱﴾ وَلَا نُكَلِّفُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا
وَلَدَيْنَا كِتٰبٌ يَّنْطِقُ بِالْحَقِّ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿۶۲﴾ بَلْ قُلُوْبُهُمْ فِىْ
غَمْرَةٍ مِّنْ هٰذَا وَلَهُمْ اَعْمَالٌ مِّنْ دُوْنِ ذٰلِكَ هُمْ لَهَا عٰمِلُوْنَ ﴿۶۳﴾
حَتّٰٓى اِذَآ اَخَذْنَا مُتْرَفِيْهِمْ بِالْعَذَابِ اِذَا هُمْ يَجْـَٔرُوْنَ ﴿۶۴﴾ لَا تَجْـَٔرُوا
الْيَوْمَ ۫ اِنَّكُمْ مِّنَّا لَا تُنْصَرُوْنَ ﴿۶۵﴾ قَدْ كَانَتْ اٰيٰتِىْ تُتْلٰى عَلَيْكُمْ فَكُنْتُمْ
عَلٰٓى اَعْقَابِكُمْ تَنْكِصُوْنَ ﴿۶۶﴾ مُسْتَكْبِرِيْنَ ۖۚ بِهٖ سٰمِرًا تَهْجُرُوْنَ ﴿۶۷﴾
اَفَلَمْ يَدَّبَّرُوا الْقَوْلَ اَمْ جَآءَهُمْ مَّا لَمْ يَاْتِ اٰبَآءَهُمُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿۶۸﴾
اَمْ لَمْ يَعْرِفُوْا رَسُوْلَهُمْ فَهُمْ لَهٗ مُنْكِرُوْنَ ﴿۶۹﴾ اَمْ يَقُوْلُوْنَ بِهٖ جِنَّةٌ ؕ
بَلْ جَآءَهُمْ بِالْحَقِّ وَاَكْثَرُهُمْ لِلْحَقِّ كٰرِهُوْنَ ﴿۷۰﴾ وَلَوِ اتَّبَعَ الْحَقُّ اَهْوَآءَهُمْ
لَفَسَدَتِ السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُ وَمَنْ فِيْهِنَّ ؕ بَلْ اَتَيْنٰهُمْ بِذِكْرِهِمْ فَهُمْ
عَنْ ذِكْرِهِمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿۷۱﴾ اَمْ تَسْـَٔلُهُمْ خَرْجًا فَخَرَاجُ رَبِّكَ خَيْرٌ ۖۗ
وَّهُوَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿۷۲﴾ وَاِنَّكَ لَتَدْعُوْهُمْ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۷۳﴾
وَاِنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ عَنِ الصِّرَاطِ لَنٰكِبُوْنَ ﴿۷۴﴾

۽ اهي جيڪي پنهنجي پالڻهار سان شريڪ مقرر نہ ڪندا آهن (٥٩). ۽ اهي جيڪي (اُهو) ڏيندا آهن جيڪي (سندس واٽ ۾) ڏنائون هن حال ۾ جو سندن دليون هن ڪري ڏڪنديون آهن تہ اُهي پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽڻ وارا آهن (٦٠). اهي (ماڻهو) چڱاين ۾ تڪڙائي ڪندا آهن ۽ اهي ان لاءِ اڳرائي ڪندڙ آهن (٦١). ۽ (اسين) ڪنهن بہ جيءَ تي سندس طاقت کان سواءِ تڪليف نہ ٿا رکون ۽ اسان وٽ هڪ ڪتاب آهي، جو سچ ڳالهائيندو آهي ۽ انهن تي ظلم نہ ڪبو (٦٢). بلڪ سندين دليون انهن (ڳالهين) کان غفلت ۾ آهن ۽ هن کان سواءِ انهن جا ٻيا ڪرتوت بہ آهن، جي اُهي ڪندا آهن (٦٣). تانجو منجهائن عياشين (ماڻهن) کي جڏهن عذاب سان پڪڙيوسون، تڏهن دانهون ڪندا رهيا (٦٤). (چيوسون) تہ اڄ دانهون نہ ڪريو، ڇو تہ اسان کان اوهان کي مدد نہ ملندي (٦٥). بيشڪ اوهان کي منهنجيون آيتون پڙهي ٻڌائبيون هيون تڏهن اوهين پنهنجن ڪڙين (پر پوئتي) ڀڄندا هيؤ (٦٦). اُن (قرآن) کان وڏائي ڪندڙ (۽) آکاڻين ۾ مشغول ٿي (ڪيس) ڇڏيوَ ٿي (٦٧). قرآن کي نہ سوچيائون ڇا يا وٽن اهڙي شيءِ آئي آهي، جا سندن اڳين پيءُ ڏاڏن وٽ نہ آئي هئي؟ (٦٨). يا پنهنجي پيغمبر کي نہ سڃاتائون ڇا؟ تنهن ڪري اهي سندس منڪر (ٿيا) آهن (٦٩). يا چوندا آهن تہ ڪيس چريائي آهي (نہ!) بلڪ (پيغمبر) وٽن سچي ڳالهہ آندي آهي ۽ منجهائن گهڻا سچ کي برو ڀائيندڙ آهن (٧٠). ۽ جيڪڏهن الله سندن سڌن تي هلي ها تہ آسمان ۽ زمين ۽ جيڪي منجهن آهي، سي ويران ٿين ها۔ (نہ!) بلڪ سندن نصيحت وٽن آندي سون ۽ اهي پنهنجيءَ نصيحت (ڪتاب) کان منهن موڙيندڙ آهن (٧١). يا کانئن ڪو نزرانو گهرندو آهين ڇا؟ پوءِ تنهنجي پالڻهار جو نزرانو (ڏيڻ) ڀلو آهي ۽ اهو (سڀ کان) چڱو روزي ڏيندڙ آهي (٧٢). ۽ بيشڪ تون سڌي واٽ ڏانهن کين سڏيندو آهين (٧٣). ۽ بيشڪ جيڪي آخرت کي نہ مڃيندا آهن، سي سڌيءَ واٽ کان پاسيرا ٿيندڙ آهن (٧٤).

وَلَوْ رَحِمْنٰهُمْ وَكَشَفْنَا مَا بِهِمْ مِّنْ ضُرٍّ لَّلَجُّوْا فِيْ طُغْيَانِهِمْ
يَعْمَهُوْنَ ﴿۷۵﴾ وَلَقَدْ اَخَذْنٰهُمْ بِالْعَذَابِ فَمَا اسْتَكَانُوْا لِرَبِّهِمْ
وَمَا يَتَضَرَّعُوْنَ ﴿۷۶﴾ حَتّٰۤى اِذَا فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَابًا ذَا عَذَابٍ شَدِيْدٍ
اِذَا هُمْ فِيْهِ مُبْلِسُوْنَ ﴿۷۷﴾ وَهُوَ الَّذِيْۤ اَنْشَاَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ
وَالْاَفْـِٕدَةَ ؕ قَلِيْلًا مَّا تَشْكُرُوْنَ ﴿۷۸﴾ وَهُوَ الَّذِيْ ذَرَاَكُمْ فِي
الْاَرْضِ وَاِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿۷۹﴾ وَهُوَ الَّذِيْ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ
وَلَهُ اخْتِلَافُ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۸۰﴾ بَلْ قَالُوْا
مِثْلَ مَا قَالَ الْاَوَّلُوْنَ ﴿۸۱﴾ قَالُوْۤا ءَاِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا وَّ
عِظَامًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ ﴿۸۲﴾ لَقَدْ وُعِدْنَا نَحْنُ وَاٰبَآؤُنَا هٰذَا
مِنْ قَبْلُ اِنْ هٰذَاۤ اِلَّاۤ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿۸۳﴾ قُلْ لِّمَنِ الْاَرْضُ
وَمَنْ فِيْهَاۤ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۸۴﴾ سَيَقُوْلُوْنَ لِلّٰهِ ؕ قُلْ اَفَلَا
تَذَكَّرُوْنَ ﴿۸۵﴾ قُلْ مَنْ رَّبُّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبُّ الْعَرْشِ
الْعَظِيْمِ ﴿۸۶﴾ سَيَقُوْلُوْنَ لِلّٰهِ ؕ قُلْ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿۸۷﴾ قُلْ مَنْۢ
بِيَدِهٖ مَلَكُوْتُ كُلِّ شَيْءٍ وَّهُوَ يُجِيْرُ وَلَا يُجَارُ عَلَيْهِ اِنْ
كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۸۸﴾ سَيَقُوْلُوْنَ لِلّٰهِ ؕ قُلْ فَاَنّٰى تُسْحَرُوْنَ ﴿۸۹﴾

جيڪڏهن مٿن رحم ڪريون ها ۽ جيڪي ڪين ڏک پهتو سو لاهيون ها تہ (بہ) سدائين پنهنجيءَ گمراهيءَ ۾ حيران رهن ها (٧٥). ۽ بيشڪ کين عذاب سان پڪڙيوسون، پوءِ (بہ) پنهنجي پالڻهار جي اڳيان نہ نوڙيا ۽ نڪي عاجزي ڪيائون (٧٦). (پنهنجيءَ غفلت ۾ رهيا) تانجو جنهن مهل مٿن سخت عذاب وارو دروازو کوليوسون (تنهن مهل) اُتي جا اتي انهيءَ ۾ نااميد ٿيا (٧٧). ۽ (الله) اُهو آهي، جنهن اوهان لاءِ ڪنّ ۽ اکيون ۽ دليون بڻايون (پر اوهين تمام) ٿورو شڪر ڪندا آهيو (٧٨). ۽ (الله) اُهو آهي جنهن اوهان کي زمين ۾ پيدا ڪيو ۽ ڏانهس وري گڏ ڪيا ويندؤ (٧٩). ۽ (الله) اُهو آهي جيڪو جياري ٿو ۽ ماري ٿو ۽ رات ۽ ڏينهن جو ڦيرقار ڪرڻ اُن جو (ڪم) آهي، پوءِ نہ سمجهندا آهيو ڇا؟ (٨٠). بلڪ جيئن اڳين چيو تيئن چوندا آهن (٨١). چون ٿا تہ اسان جڏهن مرنداسون ۽ مٽي ۽ هڏا ٿينداسون (تڏهن) وري جيئرا ٿي اٿنداسون ڇا؟ (٨٢). بيشڪ اسان کي ۽ اسان جي اَبن ڏاڏن کي هن کان اڳ انهيءَ (ڳالھ) جو انجام ڏنو ويو آهي، اِهي رڳو اڳين جا قصا آهن (٨٣). چؤ تہ جيڪڏهن اوهين ڄاڻندا آهيو تہ (ٻڌايو تہ) زمين ۽ جيڪي منجهس آهي سو ڪنهن جو آهي؟ (٨٤). سگهوئي چوندا تہ (اُهو سڀ) الله جو آهي. چؤ تہ پوءِ ڇو نہ نصيحت وٺندا آهيو؟ (٨٥). (اي پيغمبر ڪافرن کان پڇ) تہ ستن آسمانن جو رب ۽ وڏي عرش جو رب ڪير آهي؟ (٨٦). سگهوئي چوندا (اِهو سڀ) الله جو آهي. چؤ تہ پوءِ ڇو نہ ڊڄندا آهيو؟ (٨٧). (ڪافرن) پڇ تہ (اُهو) ڪير آهي جنهن جي هٿ ۾ سڀ ڪنهن شيءِ جي حڪومت آهي ۽ اهو پناه ڏيندو آهي ۽ ان (جي عذاب) کان ڪنهن کي پناه ڏيئي نہ سگهبي آهي جيڪڏهن ڄاڻندا آهيو (تہ ڏسيو) (٨٨). سگهوئي چوندا تہ (اهو سڀ) الله جي (هٿ ۾) آهي (ڪين) چؤ تہ پوءِ اوهين ڪٿان ٺڳجو ٿا (٨٩).

بَلْ اَتَيْنٰهُمْ بِالْحَقِّ وَاِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿۹۰﴾ مَا اتَّخَذَ اللّٰهُ مِنْ
وَّلَدٍ وَّمَا كَانَ مَعَهٗ مِنْ اِلٰهٍ اِذًا لَّذَهَبَ كُلُّ اِلٰهٍۭ بِمَا خَلَقَ
وَلَعَلَا بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ ؕ سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿۹۱﴾ عٰلِمِ
الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ فَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿۹۲﴾ قُلْ رَّبِّ اِمَّا
تُرِيَنِّيْ مَا يُوْعَدُوْنَ ﴿۹۳﴾ رَبِّ فَلَا تَجْعَلْنِيْ فِي الْقَوْمِ
الظّٰلِمِيْنَ ﴿۹۴﴾ وَاِنَّا عَلٰٓى اَنْ نُّرِيَكَ مَا نَعِدُهُمْ لَقٰدِرُوْنَ ﴿۹۵﴾
اِدْفَعْ بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ السَّيِّئَةَ ؕ نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَا يَصِفُوْنَ ﴿۹۶﴾
وَقُلْ رَّبِّ اَعُوْذُ بِكَ مِنْ هَمَزٰتِ الشَّيٰطِيْنِ ﴿۹۷﴾ وَاَعُوْذُ بِكَ
رَبِّ اَنْ يَّحْضُرُوْنِ ﴿۹۸﴾ حَتّٰٓى اِذَا جَآءَ اَحَدَهُمُ الْمَوْتُ قَالَ رَبِّ
ارْجِعُوْنِ ﴿۹۹﴾ لَعَلِّيْٓ اَعْمَلُ صَالِحًا فِيْمَا تَرَكْتُ كَلَّا ؕ اِنَّهَا كَلِمَةٌ هُوَ
قَآئِلُهَا ؕ وَمِنْ وَّرَآئِهِمْ بَرْزَخٌ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ﴿۱۰۰﴾ فَاِذَا نُفِخَ
فِي الصُّوْرِ فَلَآ اَنْسَابَ بَيْنَهُمْ يَوْمَئِذٍ وَّلَا يَتَسَآءَلُوْنَ ﴿۱۰۱﴾
فَمَنْ ثَقُلَتْ مَوَازِيْنُهٗ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۱۰۲﴾ وَمَنْ خَفَّتْ
مَوَازِيْنُهٗ فَاُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ فِيْ جَهَنَّمَ
خٰلِدُوْنَ ﴿۱۰۳﴾ تَلْفَحُ وُجُوْهَهُمُ النَّارُ وَهُمْ فِيْهَا كٰلِحُوْنَ ﴿۱۰۴﴾

بلڪ وٽن سچي (ڳالهه) آندي اٿؤن، ۽ بيشڪ اُهي ڪوڙا آهن (٩٠). الله نڪي (پاڻ لاءِ) ڪنهن کي پٽ ڪري ورتو آهي ۽ نڪي ساڻس ڪو (ٻيو) معبود آهي (جيڪڏهن ائين هجي ها) ته هرڪو معبود پنهنجيءَ مخلوق کي وٺيو وڃي ها ۽ اُهي هڪ ٻئي تي ڏاڍ ڪن ها. (ڪافر) جيڪي بيان ڪندا آهن تنهن کان الله پاڪ آهي (٩١). ڳجهه ۽ ظاهر جو ڄاڻندڙ آهي جنهن کي (ان سان) شريڪ بڻائيندا آهن تنهن کان مٿاهون آهي (٩٢). (اي پيمغبر!) چؤ ته اي منهنجا پالڻهار! جيڪو انجام ڪجين ٿو، سو جيڪر مون کي ڏيکارين (٩٣). اي منهنجا پالڻهار! مون کي ظالمن جي قوم ۾ (داخل) نه ڪر (٩٤). ۽ جيڪو کين انجام ڏيون ٿا تنهن جي توکي ڏيکارڻ تي بيشڪ اسين وس وارا آهيون (٩٥). ڏاڍي چڱي طريقي سان برائيءَ کي تار (ڪافر) جيڪي بيان ڪندا آهن سو اسين وڌيڪ ڄاڻندڙ آهيون (٩٦). ۽ (اي پيغمبر!) چؤ ته اي منهنجا پالڻهار! شيطانن جي وسوسن کان تنهنجي پناه گهران ٿو (٩٧). ۽ اي منهنجا پالڻهار! پاڻ وٽ انهن جي ويجهي ٿيڻ کان (به) تنهنجي پناه وٺان ٿو (٩٨). (ڪافر پنهنجي غفلت ۾ هوندا) تانجو جنهن مهل منجهانئن ڪنهن کي موت ايندو (تنهن مهل) چوندو ته اي منهنجا پالڻهار! مون کي دنيا ۾ (ورائي) موٽاءِ (٩٩). ته جيڪي (اُتي) ڇڏيم تنهن ۾ آءٌ جيڪر چڱا عمل ڪريان. ائين (ڪڏهن ٿيڻو) نه آهي. بيشڪ اها هڪ ڳالهه آهي جا اهو چوندڙ آهي ۽ سندن اڳيان هڪ پردو (عالم قبر) اُنهيءَ ڏينهن تائين رهندو (جنهن ڏينهن قيامت ۾) اُٿاريا ويندا(١٠٠). پوءِ جنهن مهل صور ۾ ڦوڪبو (تنهن مهل) اُن ڏينهن سندن وچ ۾ نه ذاتيون رهنديون ۽ نڪي پاڻ ۾ پڇا ڳاڇا ڪندا (١٠١). پوءِ جنهن (جي نيڪيءَ) جو پلڙو ڳرو ٿيو سي ئي ڇٽل آهن (١٠٢). ۽ جنهنجو پلڙو هلڪو ٿيو سي اُهي آهن جن پاڻ کي نقصان لاتو (اُهي) دوزخ ۾ سدائين رهندڙ آهن (١٠٣). سندن منهن کي باهه ساڙيندي ۽ اُهي منجهس بدشڪلا ٿيندا (١٠٤).

اَلَمْ تَكُنْ اٰيٰتِيْ تُتْلٰى عَلَيْكُمْ فَكُنْتُمْ بِهَا تُكَذِّبُوْنَ ﴿١٠٥﴾ قَالُوْا
رَبَّنَا غَلَبَتْ عَلَيْنَا شِقْوَتُنَا وَكُنَّا قَوْمًا ضَآلِّيْنَ ﴿١٠٦﴾ رَبَّنَآ
اَخْرِجْنَا مِنْهَا فَاِنْ عُدْنَا فَاِنَّا ظٰلِمُوْنَ ﴿١٠٧﴾ قَالَ اخْسَئُوْا فِيْهَا
وَلَا تُكَلِّمُوْنِ ﴿١٠٨﴾ اِنَّهٗ كَانَ فَرِيْقٌ مِّنْ عِبَادِيْ يَقُوْلُوْنَ
رَبَّنَآ اٰمَنَّا فَاغْفِرْ لَنَا وَارْحَمْنَا وَاَنْتَ خَيْرُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿١٠٩﴾ ج صلے
فَاتَّخَذْتُمُوْهُمْ سِخْرِيًّا حَتّٰٓى اَنْسَوْكُمْ ذِكْرِيْ وَكُنْتُمْ مِّنْهُمْ
تَضْحَكُوْنَ ﴿١١٠﴾ اِنِّيْ جَزَيْتُهُمُ الْيَوْمَ بِمَا صَبَرُوْٓا اَنَّهُمْ هُمُ
الْفَآئِزُوْنَ ﴿١١١﴾ قٰلَ كَمْ لَبِثْتُمْ فِي الْاَرْضِ عَدَدَ سِنِيْنَ ﴿١١٢﴾
قَالُوْا لَبِثْنَا يَوْمًا اَوْ بَعْضَ يَوْمٍ فَسْــَٔلِ الْعَآدِّيْنَ ﴿١١٣﴾
قٰلَ اِنْ لَّبِثْتُمْ اِلَّا قَلِيْلًا لَّوْ اَنَّكُمْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿١١٤﴾
اَفَحَسِبْتُمْ اَنَّمَا خَلَقْنٰكُمْ عَبَثًا وَّاَنَّكُمْ اِلَيْنَا لَا تُرْجَعُوْنَ ﴿١١٥﴾
فَتَعٰلَى اللّٰهُ الْمَلِكُ الْحَقُّ ج لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ج رَبُّ الْعَرْشِ
الْكَرِيْمِ ﴿١١٦﴾ وَمَنْ يَّدْعُ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ لا لَا بُرْهَانَ
لَهٗ بِهٖ لا فَاِنَّمَا حِسَابُهٗ عِنْدَ رَبِّهٖ ط اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿١١٧﴾
وَقُلْ رَّبِّ اغْفِرْ وَارْحَمْ وَاَنْتَ خَيْرُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿١١٨﴾ ع

(چيو ويندن تہ) منهنجون آيتون اوهان کي نہ پڙهي ٻڌائبيون هيون ڇا؟ پوءِ اوهين اُنهن کي ڪوڙو ڀائيندا هيؤ؟ (١٠٥). چوندا تہ اي اسان جا پالڻهار! اسان جي بدبختي اسان تي غالب ٿي ويئي ۽ گمراهہ قوم هئاسون (١٠٦). اي اسان جا پالڻهار! هتان اسان کي ٻاهر ڪڍ پوءِ جيڪڏهن موٽي (ڪفر) ڪريون تہ بيشڪ اسين ظالم ٿيون (١٠٧). (الله) فرمائيندو تہ منجهس خوار پيا رهو ۽ مون سان نہ ڳالهايو (١٠٨). ڇو تہ منهنجن ٻانهن مان هڪ ٽولي هئي جا چوندي هئي تہ اي اسان جا پالڻهار! اسان ايمان آندو تنهن ڪري اسان کي بخش ۽ اسان تي رحم ڪر جو تون (سڀ کان) چڱو ٻاجهارو آهين (١٠٩). پوءِ (ايسين) کين مزاڪ ڪري ورتوَ جيسين (سندن دشمنيءَ) اوهان (جي دلين) کان منهنجي يادگيري وسارائي ۽ اوهين مٿن کِليؤ ٿي (١١٠). بيشڪ اڄ کين بدلو ڏنم انهيءَ ڪري جو صبر ڪيو هيائون (هيءُ) تہ اهي ئي مراد ماڻيندڙ آهن (١١١). (الله) فرمائيندو تہ زمين ۾ (اوهين) ڪيترا ورهيہ رهيؤ؟ (١١٢). چوندا تہ هڪ ڏينهن يا ڏينهن جو ڀاڱو رهياسون پوءِ ڳڻيندڙن کان پڇا ڪر (١١٣). (الله) فرمائيندو تہ ٿوريءَ (دير) کان سواءِ نہ رهيا هيؤ جيڪر اوهين ڄاڻو ها (١١٤). اوهين ڀانيو ٿا ڇا تہ اوهان کي اجايو بڻايو اٿؤن ۽ اوهين اسان ڏانهن وري نہ موٽايا ويندؤ؟ (١١٥). پوءِ الله سچو بادشاهہ تمام مٿاهون آهي، ان کان سواءِ ڪو عبادت جو لائق نہ آهي، (اُهو) سڳوري عرش جو رب آهي (١١٦). ۽ جيڪو الله سان گڏ ٻئي معبود کي سڏيندو، جنهن جو کيس ڪو دليل ڪونهي، تنهن جو حساب سندس پالڻهار وٽ ئي آهي. سچ آهي تہ ڪافر نہ ڇٽندا (١١٧). ۽ چؤ تہ اي منهنجا پالڻهار! بخش ۽ رحم ڪر ۽ تون (سڀني) ٻاجهارن کان چڱو آهين (١١٨).

# سُوْرَةُ النُّوْرِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

سُوْرَةٌ اَنْزَلْنٰهَا وَفَرَضْنٰهَا وَاَنْزَلْنَا فِيْهَآ اٰيٰتٍۭ بَيِّنٰتٍ لَّعَلَّكُمْ
تَذَكَّرُوْنَ ﴿١﴾ اَلزَّانِيَةُ وَالزَّانِيْ فَاجْلِدُوْا كُلَّ وَاحِدٍ مِّنْهُمَا
مِائَةَ جَلْدَةٍ ۪ وَّلَا تَاْخُذْكُمْ بِهِمَا رَاْفَةٌ فِيْ دِيْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ
تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۚ وَلْيَشْهَدْ عَذَابَهُمَا طَآئِفَةٌ
مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٢﴾ اَلزَّانِيْ لَا يَنْكِحُ اِلَّا زَانِيَةً اَوْ مُشْرِكَةً ۫ وَّ
الزَّانِيَةُ لَا يَنْكِحُهَآ اِلَّا زَانٍ اَوْ مُشْرِكٌ ۚ وَحُرِّمَ ذٰلِكَ عَلَى
الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٣﴾ وَالَّذِيْنَ يَرْمُوْنَ الْمُحْصَنٰتِ ثُمَّ لَمْ يَاْتُوْا
بِاَرْبَعَةِ شُهَدَآءَ فَاجْلِدُوْهُمْ ثَمٰنِيْنَ جَلْدَةً وَّلَا تَقْبَلُوْا لَهُمْ
شَهَادَةً اَبَدًا ۚ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿٤﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا
مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ وَاَصْلَحُوْا ۚ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٥﴾ وَالَّذِيْنَ
يَرْمُوْنَ اَزْوَاجَهُمْ وَلَمْ يَكُنْ لَّهُمْ شُهَدَآءُ اِلَّآ اَنْفُسُهُمْ
فَشَهَادَةُ اَحَدِهِمْ اَرْبَعُ شَهٰدٰتٍۭ بِاللّٰهِ ۙ اِنَّهٗ لَمِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٦﴾
وَالْخَامِسَةُ اَنَّ لَعْنَتَ اللّٰهِ عَلَيْهِ اِنْ كَانَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٧﴾

**سورة نور مدني آهي ۽ هيءَ چوهٺ آيتون ۽ نوَ رڪوع آهي.**

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

(هيءَ هڪ) سورة آهي جا نازل ڪئي سون ۽ اُن (جي حڪمن) کي فرض ڪيوسون ۽ منجهس پڌريون آيتون نازل ڪيون سون، ته مانَ اوهين نصيحت وٺو (١). ۽ زنا ڪندڙ عورت ۽ زنا ڪندڙ مرد ٻنهي منجهان هرهڪ کي سؤ دُرا هڻو ۽ جيڪڏهن اوهين الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندا آهيو ته الله جي دين ۾ اوهان کي انهن ٻنهي تي نرمي ڪرڻ نه جڳائي ۽ مؤمنن مان هڪ ٽوليءَ کي انهن ٻنهي جي سزا تي حاضر ٿيڻ گهرجي (٢). زنا ڪندڙ مرد، زنا ڪندڙ عورت يا مشرڪياڻي کان سواءِ ٻي نه پرڻبو ۽ زنا ڪندڙ عورت، کيس زنا ڪندڙ مرد يا مشرڪ کان سواءِ ٻيو نه پرڻبو ۽ اهو (زنا ڪندڙ زائفان سان نڪاح ڪرڻ) مؤمنن تي حرام ڪيو ويو آهي (٣). ۽ جيڪي پاڪدامن عورتن کي تهمت لائين وري چار شاهد نه آڻين ته کين اسي دُرا هڻو ۽ انهن جي گواهي اصلي قبول نه ڪريو، ۽ اُهي ئي بي دين آهن (۴). پر هن کان پوءِ جن توبه ڪئي ۽ پاڻ سڌاريو، ته الله بخشڻهار مهربان آهي (٥). ۽ جيڪي پنهنجي زالن کي تهمت لائين ۽ کين پاڻ کان سواءِ ڪي شاهد نه هجن ته اهڙي هرهڪ جي (سچي) شاهدي چار ڀيرا (هيئن ڏيڻ) آهي ته الله جو قسم آهي ته بيشڪ پاڻ سچ چوندڙن مان آهي (٦). ۽ پنجون ڀيرو چوي ته جيڪڏهن ڪوڙن مان هوندو ته مٿس الله جي لعنت هجي (٧).

وَيَدْرَؤُا عَنْهَا الْعَذَابَ اَنْ تَشْهَدَ اَرْبَعَ شَهٰدٰتٍۭ بِاللّٰهِ ۙ اِنَّهٗ
لَمِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿۸﴾ وَالْخَامِسَةَ اَنَّ غَضَبَ اللّٰهِ عَلَيْهَآ اِنْ كَانَ
مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿۹﴾ وَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهٗ وَاَنَّ اللّٰهَ
تَوَّابٌ حَكِيْمٌ ﴿۱۰﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ جَآءُوْ بِالْاِفْكِ عُصْبَةٌ مِّنْكُمْ ؕ لَا
تَحْسَبُوْهُ شَرًّا لَّكُمْ ؕ بَلْ هُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ؕ لِكُلِّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ مَّا اكْتَسَبَ
مِنَ الْاِثْمِ ۚ وَالَّذِيْ تَوَلّٰى كِبْرَهٗ مِنْهُمْ لَهٗ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿۱۱﴾ لَوْلَآ
اِذْ سَمِعْتُمُوْهُ ظَنَّ الْمُؤْمِنُوْنَ وَالْمُؤْمِنٰتُ بِاَنْفُسِهِمْ خَيْرًا ۙ وَّقَالُوْا
هٰذَآ اِفْكٌ مُّبِيْنٌ ﴿۱۲﴾ لَوْلَا جَآءُوْ عَلَيْهِ بِاَرْبَعَةِ شُهَدَآءَ ۚ فَاِذْ لَمْ يَاْتُوْا
بِالشُّهَدَآءِ فَاُولٰٓئِكَ عِنْدَ اللّٰهِ هُمُ الْكٰذِبُوْنَ ﴿۱۳﴾ وَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ
عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهٗ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ لَمَسَّكُمْ فِيْ مَآ اَفَضْتُمْ فِيْهِ
عَذَابٌ عَظِيْمٌ ۚ﴿۱۴﴾ اِذْ تَلَقَّوْنَهٗ بِاَلْسِنَتِكُمْ وَتَقُوْلُوْنَ بِاَفْوَاهِكُمْ مَّا
لَيْسَ لَكُمْ بِهٖ عِلْمٌ وَّتَحْسَبُوْنَهٗ هَيِّنًا ۖۗ وَّهُوَ عِنْدَ اللّٰهِ عَظِيْمٌ ﴿۱۵﴾ وَ
لَوْلَآ اِذْ سَمِعْتُمُوْهُ قُلْتُمْ مَّا يَكُوْنُ لَنَآ اَنْ نَّتَكَلَّمَ بِهٰذَا ۖ سُبْحٰنَكَ
هٰذَا بُهْتَانٌ عَظِيْمٌ ﴿۱۶﴾ يَعِظُكُمُ اللّٰهُ اَنْ تَعُوْدُوْا لِمِثْلِهٖٓ اَبَدًا اِنْ
كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۚ﴿۱۷﴾ وَيُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿۱۸﴾

۽ ان زال کان (هيءَ ڳالهہ) سزا ٹاريندي جو چار ڀيرا شاهدي ڏئي تہ الله جو قسم آهي تہ بيشڪ اهو مڙس ڪوڙ چوندڙن مان آهي (٨). ۽ پنجون ڀيرو (هيءَ شاهدي ڏئي) تہ جيڪڏهن اُهو مڙس سچن مان آهي تہ اُن (يعني زال) تي الله جو ڏمر هجي (٩). ۽ جيڪڏهن اوهان تي الله جو فضل ۽ سندس ٻاجهہ نہ هجي ها (تہ عذاب ٿئيوَ ها) ۽ بيشڪ الله توبهہ قبول ڪندڙ حڪمت وارو آهي (١٠). بيشڪ جن ڪوڙو بهتان آندو سي اوهان مان ٿي هڪ ٹولي آهن (اوهين) اُن (بهتان) کي نہ ڀانيو تہ اوهان لاءِ (ڪو) خراب آهي، بلڪ اهو اوهان لاءِ ڀَلو آهي، منجهائن سڀ ڪنهن ماڻهوءَ گناهہ مان جيڪي ڪمايو سو، سندس لاءِ آهي، ۽ منجهائن جنهن بهتان جو وڏو لڙ مچايو تنهن لاءِ وڏو عذاب آهي (١١). جڏهن اُهو ٻُڌوَ تڏهن مؤمن مردن ۽ مؤمن زالن پنهنجن (هم دينن) ۾ چڱو گمان چو نہ ڪيو ۽ چو نہ چيائون تہ هي پڌرو بهتان آهي؟ (١٢). ان (ڳالهہ) تي چار شاهد چو نہ آندائون؟ پوءِ جڏهن شاهد نہ آندائون تڏهن اِهي ئي الله وٽ ڪوڙا آهن (١٣). ۽ جيڪڏهن الله جو فضل ۽ سندس ٻاجهہ دنيا ۽ آخرت ۾ اوهان تي نہ هجي ها تہ جنهن (ڳالهہ) بابت چرچو مچايوَ (تنهن بابت) اوهان کي (تڏهن ئي) وڏو عذاب پهچي ها (١٤). جڏهن ان کي پنهنجن زبانن سان ٻاڦيندا رهيؤ ۽ جنهن (ڳالهہ جي حقيقت) جي اوهان کي ڪا خبر نہ هئي سا پنهنجن واتن سان چوندا رهيؤ ۽ ان کي هلڪو ٿي ڀانيوَ ۽ (حقيقت ڪري) اُهو الله وٽ وڏو (گناهہ) هو (١٥). ۽ جڏهن اهو ٻُڌوَ (تڏهن) چو نہ چيوَ تہ اسان کي اهو چوڻ نہ جڳائيندو آهي (اي الله) تنهنجي پاڪائي بيان ڪريون ٿا، هي وڏو بهتان آهي (١٦). الله اوهان کي نصيحت ٿو ڪري تہ جيڪڏهن مؤمن آهيو تہ (ٻيهر) وري اصلي اهڙو (ڪم) نہ ڪجو (١٧). ۽ الله اوهان لاءِ آيتون بيان ٿو ڪري ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (١٨).

إِنَّ الَّذِينَ يُحِبُّونَ أَنْ تَشِيعَ الْفَاحِشَةُ فِي الَّذِينَ آمَنُوا لَهُمْ
عَذَابٌ أَلِيمٌ فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ وَاللَّهُ يَعْلَمُ وَأَنْتُمْ لَا تَعْلَمُونَ ﴿١٩﴾
وَلَوْلَا فَضْلُ اللَّهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهُ وَأَنَّ اللَّهَ رَءُوفٌ رَحِيمٌ ﴿٢٠﴾
يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لَا تَتَّبِعُوا خُطُوَاتِ الشَّيْطَانِ وَمَنْ يَتَّبِعْ خُطُوَاتِ
الشَّيْطَانِ فَإِنَّهُ يَأْمُرُ بِالْفَحْشَاءِ وَالْمُنْكَرِ وَلَوْلَا فَضْلُ اللَّهِ عَلَيْكُمْ
وَرَحْمَتُهُ مَا زَكَىٰ مِنْكُمْ مِنْ أَحَدٍ أَبَدًا وَلَٰكِنَّ اللَّهَ يُزَكِّي مَنْ يَشَاءُ
وَاللَّهُ سَمِيعٌ عَلِيمٌ ﴿٢١﴾ وَلَا يَأْتَلِ أُولُو الْفَضْلِ مِنْكُمْ وَالسَّعَةِ أَنْ
يُؤْتُوا أُولِي الْقُرْبَىٰ وَالْمَسَاكِينَ وَالْمُهَاجِرِينَ فِي سَبِيلِ اللَّهِ
وَلْيَعْفُوا وَلْيَصْفَحُوا أَلَا تُحِبُّونَ أَنْ يَغْفِرَ اللَّهُ لَكُمْ وَاللَّهُ غَفُورٌ
رَحِيمٌ ﴿٢٢﴾ إِنَّ الَّذِينَ يَرْمُونَ الْمُحْصَنَاتِ الْغَافِلَاتِ الْمُؤْمِنَاتِ لُعِنُوا
فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ وَلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيمٌ ﴿٢٣﴾ يَوْمَ تَشْهَدُ عَلَيْهِمْ
أَلْسِنَتُهُمْ وَأَيْدِيهِمْ وَأَرْجُلُهُمْ بِمَا كَانُوا يَعْمَلُونَ ﴿٢٤﴾ يَوْمَئِذٍ يُوَفِّيهِمُ
اللَّهُ دِينَهُمُ الْحَقَّ وَيَعْلَمُونَ أَنَّ اللَّهَ هُوَ الْحَقُّ الْمُبِينُ ﴿٢٥﴾ الْخَبِيثَاتُ
لِلْخَبِيثِينَ وَالْخَبِيثُونَ لِلْخَبِيثَاتِ وَالطَّيِّبَاتُ لِلطَّيِّبِينَ وَالطَّيِّبُونَ
لِلطَّيِّبَاتِ أُولَٰئِكَ مُبَرَّءُونَ مِمَّا يَقُولُونَ لَهُمْ مَغْفِرَةٌ وَرِزْقٌ كَرِيمٌ ﴿٢٦﴾

بيشڪ جيڪي (ماڻهو) مؤمنن (جي نسبت) ۾ بدڪاريءَ (جي تهمت) جي پڌري ٿيڻ کي دوست رکندا آهن تن لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ۽ الله ڄاڻندو آهي ۽ اوهين نه ڄاڻندا آهيو (١٩). ۽ جيڪڏهن اوهان تي الله جو فضل ۽ سندس ٻاجھ نه هجي ها (ته ضرور خراب ٿيو ها) ۽ بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي (٢٠). اي ايمان وارؤ! اوهين شيطان جي وکن تي نه هلو ۽ جيڪو شيطان جي وکن تي هلندو ته شيطان ته بي حيائيءَ (جون ڳالهيون) ۽ گندا ڪم ڏسيندو آهي ۽ جيڪڏهن اوهان تي الله جو فضل ۽ سندس ٻاجھ نه هجي ها ته اوهان مان ڪو هڪ ڪڏهن نه سڌري ها پر الله جنهن کي گهرندو آهي (تنهن کي) پاڪ ڪندو آهي ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٢١). ۽ اوهان مان فضل وارا ۽ آسودا مائٽيءَ وارن ۽ مسڪينن ۽ الله جي واٽ ۾ وطن ڇڏيندڙن کي (ڪجھ ٻه) نه ڏيڻ جو قسم نه کڻن ۽ جڳائي ته معاف ڪن ۽ ٽارو ڪن. اوهين نه گهرندا آهيو ڇا ته الله اوهان کي بخشي؟ ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (٢٢). بيشڪ جيڪي (ماڻهو) پاڪدامن بيخبر مؤمنياڻين کي تهمت لائيندا آهن، تن تي دنيا ۽ آخرت ۾ لعنت آهي ۽ انهن لاءِ (اُنهي ڏينهن) وڏو عذاب آهي (٢٣). اُنهن جيڪي ڪمايو هو تنهن بابت سندن زبانون ۽ سندن هٿ ۽ سندن پير جنهن ڏينهن مٿن شاهدي ڏيندا (٢۴). اُن ڏينهن الله کين انصاف سان سندن بدلو پورو ڏيندو، ۽ (اهو) ڄاڻندا ته الله ئي سچو پڌري ڪرڻ وارو آهي (٢٥). پليت زالون پليت مردن لاءِ (لائق) آهن ۽ پليت مرد پليت زالن لاءِ (لائق) آهن ۽ پاڪ زالون پاڪ مردن لاءِ (لائق) آهن ۽ پاڪ مرد پاڪ زالن لاءِ (لائق) آهن، (انهن جي بنسبت ماڻهو) جيڪي چوندا آهن، تنهن (ڳالھ) کان اهي پاڪ آهن. انهن لاءِ بخشش ۽ سڳوري روزي آهي (٢٦).

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَدْخُلُوْا بُيُوْتًا غَيْرَ بُيُوْتِكُمْ حَتّٰى تَسْتَاْنِسُوْا
وَتُسَلِّمُوْا عَلٰۤى اَهْلِهَا ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿۲۷﴾ فَاِنْ لَّمْ تَجِدُوْا
فِيْهَاۤ اَحَدًا فَلَا تَدْخُلُوْهَا حَتّٰى يُؤْذَنَ لَكُمْ ۚ وَاِنْ قِيْلَ لَكُمُ ارْجِعُوْا
فَارْجِعُوْا هُوَ اَزْكٰى لَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ﴿۲۸﴾ لَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ
اَنْ تَدْخُلُوْا بُيُوْتًا غَيْرَ مَسْكُوْنَةٍ فِيْهَا مَتَاعٌ لَّكُمْ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تُبْدُوْنَ
وَمَا تَكْتُمُوْنَ ﴿۲۹﴾ قُلْ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ يَغُضُّوْا مِنْ اَبْصَارِهِمْ وَيَحْفَظُوْا
فُرُوْجَهُمْ ؕ ذٰلِكَ اَزْكٰى لَهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ بِمَا يَصْنَعُوْنَ ﴿۳۰﴾ وَقُلْ
لِّلْمُؤْمِنٰتِ يَغْضُضْنَ مِنْ اَبْصَارِهِنَّ وَيَحْفَظْنَ فُرُوْجَهُنَّ وَلَا يُبْدِيْنَ
زِيْنَتَهُنَّ اِلَّا مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَلْيَضْرِبْنَ بِخُمُرِهِنَّ عَلٰى جُيُوْبِهِنَّ ۪ وَلَا
يُبْدِيْنَ زِيْنَتَهُنَّ اِلَّا لِبُعُوْلَتِهِنَّ اَوْ اٰبَآئِهِنَّ اَوْ اٰبَآءِ بُعُوْلَتِهِنَّ اَوْ
اَبْنَآئِهِنَّ اَوْ اَبْنَآءِ بُعُوْلَتِهِنَّ اَوْ اِخْوَانِهِنَّ اَوْ بَنِيْۤ اِخْوَانِهِنَّ اَوْ
بَنِيْۤ اَخَوٰتِهِنَّ اَوْ نِسَآئِهِنَّ اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُنَّ اَوِ التّٰبِعِيْنَ غَيْرِ
اُولِى الْاِرْبَةِ مِنَ الرِّجَالِ اَوِ الطِّفْلِ الَّذِيْنَ لَمْ يَظْهَرُوْا عَلٰى
عَوْرٰتِ النِّسَآءِ ۪ وَلَا يَضْرِبْنَ بِاَرْجُلِهِنَّ لِيُعْلَمَ مَا يُخْفِيْنَ مِنْ
زِيْنَتِهِنَّ ؕ وَتُوْبُوْۤا اِلَى اللّٰهِ جَمِيْعًا اَيُّهَ الْمُؤْمِنُوْنَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۳۱﴾

اي ايمان وارو! پنهنجن گهرن کان سواءِ ٻين (ماڻهن جي) گهرن ۾ (ايسين) نہ گهڙو جيسين (نہ) موڪلايو ۽ اُن جي رهڻ وارن تي سلام (نہ) ڏيو. اهو اوهان لاءِ چڱو آهي مانَ اوهين نصيحت وٺو (٢٧). پوءِ جيڪڏهن منجهس ڪنهن تي نہ ڏسو تہ ان ۾ (ايسين) نہ گهڙو، جيسين اوهان کي موڪل (نہ) ڏجي ۽ جيڪڏهن اوهان کي چئجي تہ موٽو تہ موٽي وڃو، اهو اوهان لاءِ تمام سٺو آهي. ۽ جيڪي اوهين ڪندا آهيو، سو الله ڄاڻندڙ آهي (٢٨). اهڙن گهرن ۾ گهڙڻ کان اوهان کي ڪو گناهہ ڪونهي جنهن ۾ ڪوئي نہ رهندو هجي، منجهس اوهان جو سامان (رکيل) هجي ۽ جيڪي پڌرو ڪندا آهيو ۽ جيڪي لڪائيندا آهيو، سو الله ڄاڻندو آهي (٢٩). مؤمنن کي چؤ تہ پنهنجن اکين کي هيٺ ڪن ۽ پنهنجن اوگهڙن کي بچائيندا رهن. اِهو اُنهن لاءِ تمام سٺو آهي، جيڪي ڪندا آهن، تنهن جي بيشڪ الله خبر رکندڙ آهي (٣٠). ۽ مؤمنياڻين کي چؤ تہ پنهنجيون اکيون جهڪيون ڪن ۽ پنهنجن اوگهڙن کي بچائينديون رهن ۽ پنهنجي سينگار (يعني زيورن جي جاين) کي ظاهر نہ ڪن، پر انهن مان جيڪي ظاهر (ضروري) آهن (جهڙا هٿ پير) ۽ جڳائين تہ پنهنجن چادرن کي پنهنجن گريبانن تي لاهي ڇڏين، ۽ پنهنجن مڙسن يا پنهنجن پين يا پنهنجن سهرن يا پنهنجن پٽن يا پنهنجن مڙسن جي پٽن يا پنهنجن ڀائرن يا پنهنجن ڀائٽين يا پنهنجن ڀاڻيجن يا پنهنجن (مسلمان) زائفن يا پنهنجن ٻانهن يا خدمتگار مردن مان (عورتن ڏانهن) اڻ خواهش وارن يا جن ٻارن کي عورتن جي اوگهڙ جو سماءُ نہ پيو تن کانسواءِ ٻين (سيني) جي اڳيان پنهنجو سينگار ظاهر نہ ڪن ۽ پنهنجن پيرن سان (زيور) هن لاءِ نہ ڇمڪائين تہ سندن سينگار مان جيڪي ڳجهو آهي، سو ڄاتو وڃي ۽ اي مسلمانؤ! اوهين مڙيئي الله جي اڳيان توبهہ ڪريو تہ مانَ اوهين ڇٽو (٣١).

وَاَنْكِحُوا الْاَيَامٰى مِنْكُمْ وَالصّٰلِحِيْنَ مِنْ عِبَادِكُمْ وَاِمَآئِكُمْ ؕ اِنْ
يَّكُوْنُوْا فُقَرَآءَ يُغْنِهِمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿۳۲﴾
وَلْيَسْتَعْفِفِ الَّذِيْنَ لَا يَجِدُوْنَ نِكَاحًا حَتّٰى يُغْنِيَهُمُ اللّٰهُ مِنْ
فَضْلِهٖ ؕ وَالَّذِيْنَ يَبْتَغُوْنَ الْكِتٰبَ مِمَّا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ فَكَاتِبُوْهُمْ
اِنْ عَلِمْتُمْ فِيْهِمْ خَيْرًا ۖۗ وَّاٰتُوْهُمْ مِّنْ مَّالِ اللّٰهِ الَّذِيْۤ اٰتٰىكُمْ ؕ وَلَا
تُكْرِهُوْا فَتَيٰتِكُمْ عَلَى الْبِغَآءِ اِنْ اَرَدْنَ تَحَصُّنًا لِّتَبْتَغُوْا عَرَضَ الْحَيٰوةِ
الدُّنْيَا ؕ وَمَنْ يُّكْرِهْهُّنَّ فَاِنَّ اللّٰهَ مِنْ بَعْدِ اِكْرَاهِهِنَّ غَفُوْرٌ
رَّحِيْمٌ ﴿۳۳﴾ وَلَقَدْ اَنْزَلْنَاۤ اِلَيْكُمْ اٰيٰتٍ مُّبَيِّنٰتٍ وَّمَثَلًا مِّنَ الَّذِيْنَ
خَلَوْا مِنْ قَبْلِكُمْ وَمَوْعِظَةً لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿۳۴﴾ اَللّٰهُ نُوْرُ السَّمٰوٰتِ
وَالْاَرْضِ ؕ مَثَلُ نُوْرِهٖ كَمِشْكٰوةٍ فِيْهَا مِصْبَاحٌ ؕ اَلْمِصْبَاحُ فِيْ
زُجَاجَةٍ ؕ اَلزُّجَاجَةُ كَاَنَّهَا كَوْكَبٌ دُرِّيٌّ يُّوْقَدُ مِنْ شَجَرَةٍ
مُّبٰرَكَةٍ زَيْتُوْنَةٍ لَّا شَرْقِيَّةٍ وَّلَا غَرْبِيَّةٍ ۙ يَّكَادُ زَيْتُهَا يُضِيْٓءُ وَلَوْ
لَمْ تَمْسَسْهُ نَارٌ ؕ نُوْرٌ عَلٰى نُوْرٍ ؕ يَهْدِي اللّٰهُ لِنُوْرِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ
يَضْرِبُ اللّٰهُ الْاَمْثَالَ لِلنَّاسِ ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۳۵﴾ فِيْ بُيُوْتٍ اَذِنَ
اللّٰهُ اَنْ تُرْفَعَ وَيُذْكَرَ فِيْهَا اسْمُهٗ ۙ يُسَبِّحُ لَهٗ فِيْهَا بِالْغُدُوِّ وَالْاٰصَالِ ﴿۳۶﴾

۽ پنهنجيءَ (قوم) مان رنن زالن کي پرڻايو ۽ پنهنجن ٻانهن ۽ پنهنجين ٻانهين مان نيڪن کي (به پرڻايو). جيڪڏهن (هو) غريب هوندا ته الله پنهنجي فضل سان کين آسودو ڪندو ۽ الله (مهربانيءَ ۾) ڪشادگيءَ وارو ڄاڻندڙ آهي (٣٢). ۽ جيڪي پرڻجي نه ٿا سگهن، تن کي ايسين پاڪدامن رهڻ گهرجي، جيسين کين الله پنهنجي فضل سان آسودو ڪري. ۽ اوهان جي ٻانهن مان جيڪي (آزاديءَ لاءِ عوض ڏيڻ جو) لکيل انجام گهرن تن ۾ جيڪڏهن ڪا چڱائي ڄاڻو ته کين لکيل انجام ڏيو ۽ جيڪو مال الله اوهان کي ڏنو آهي، تنهن مان کين ڏيو ۽ اوهانجيون ٻانهيون جيڪڏهن پاڪدامن رهڻ جو ارادو ڪن ته اوهين انهن کي اوهين دنيا جي حياتيءَ جي سامان حاصل ڪرڻ لاءِ بدڪاريءَ تي زور نه ڪريو. ۽ جيڪو کين زور ڪندو ته زور ڪرڻ کان پوءِ انهن (ٻانهين) کي الله بخشڻهار مهربان آهي (٣٣). ۽ بيشڪ اوهان ڏانهن چٽيون نشانيون ۽ جيڪي اوهان کان اڳ گذري ويا تن جا مثال ۽ پرهيزگارن لاءِ نصيحت لاٿي سون (٣٤). الله آسمانن ۽ زمين کي روشن ڪندڙ آهي. سندس نور جو مثال انهيءَ جاري وانگر آهي، جنهن ۾ ڏيو هجي، ڏيو قنديل ۾ هجي، اهو قنديل چٽڪ چمڪندڙ ستارو آهي، جو انهيءَ برڪت واري زيتون جي وڻ (جي تيل) مان ٻارجي جو نڪي اوير ۽ نڪي اولهه (ڇمندو) آهي، سندس تيل جيتوڻيڪ باه نه پهتي هجي ته به سوجهري ڪرڻ کي ويجهو آهي. نور تي نور آهي. الله جنهن کي گهرندو آهي، تنهن کي پنهنجي نور سان سڌو رستو ڏيکاريندو آهي ۽ الله ماڻهن لاءِ مثال بيان ڪندو آهي ۽ الله سڀڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي (٣٥). (اُنهيءَ نور جو هنڌ) اُنهن گهرن ۾ (آهي) جن لاءِ الله حڪم ڪيو آهي ته انهن جي تعظيم ڪجي ۽ انهن ۾ سندس نالو ياد ڪجي، انهن ۾ صبح ۽ سانجهي جــو الله جي پاڪــائي بيان ڪندا آهن (٣٦).

رِجَالٌ ۙ لَّا تُلْهِيْهِمْ تِجَارَةٌ وَّلَا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ وَاِقَامِ الصَّلٰوةِ وَ
اِيْتَآءِ الزَّكٰوةِ ۙ يَخَافُوْنَ يَوْمًا تَتَقَلَّبُ فِيْهِ الْقُلُوْبُ وَالْاَبْصَارُ ﴿٣٧﴾
لِيَجْزِيَهُمُ اللّٰهُ اَحْسَنَ مَا عَمِلُوْا وَيَزِيْدَهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ؕ وَاللّٰهُ يَرْزُقُ
مَنْ يَّشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٣٨﴾ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَعْمَالُهُمْ كَسَرَابٍۭ
بِقِيْعَةٍ يَّحْسَبُهُ الظَّمْاٰنُ مَآءً ؕ حَتّٰٓى اِذَا جَآءَهٗ لَمْ يَجِدْهُ شَيْـًٔا وَّ
وَجَدَ اللّٰهَ عِنْدَهٗ فَوَفّٰىهُ حِسَابَهٗ ؕ وَاللّٰهُ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿٣٩﴾ ۙ اَوْ
كَظُلُمٰتٍ فِيْ بَحْرٍ لُّجِّيٍّ يَّغْشٰىهُ مَوْجٌ مِّنْ فَوْقِهٖ مَوْجٌ مِّنْ فَوْقِهٖ
سَحَابٌ ؕ ظُلُمٰتٌۢ بَعْضُهَا فَوْقَ بَعْضٍ ؕ اِذَآ اَخْرَجَ يَدَهٗ لَمْ يَكَدْ
يَرٰىهَا ؕ وَمَنْ لَّمْ يَجْعَلِ اللّٰهُ لَهٗ نُوْرًا فَمَا لَهٗ مِنْ نُّوْرٍ ﴿٤٠﴾ ع اَلَمْ تَرَ اَنَّ
اللّٰهَ يُسَبِّحُ لَهٗ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَالطَّيْرُ صٰٓفّٰتٍ ؕ كُلٌّ قَدْ
عَلِمَ صَلَاتَهٗ وَتَسْبِيْحَهٗ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِمَا يَفْعَلُوْنَ ﴿٤١﴾ وَلِلّٰهِ مُلْكُ
السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَاِلَى اللّٰهِ الْمَصِيْرُ ﴿٤٢﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يُزْجِيْ سَحَابًا ثُمَّ
يُؤَلِّفُ بَيْنَهٗ ثُمَّ يَجْعَلُهٗ رُكَامًا فَتَرَى الْوَدْقَ يَخْرُجُ مِنْ خِلٰلِهٖ ۚ وَيُنَزِّلُ
مِنَ السَّمَآءِ مِنْ جِبَالٍ فِيْهَا مِنْۢ بَرَدٍ فَيُصِيْبُ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ وَ
يَصْرِفُهٗ عَنْ مَّنْ يَّشَآءُ ؕ يَكَادُ سَنَا بَرْقِهٖ يَذْهَبُ بِالْاَبْصَارِ ؕ ﴿٤٣﴾

(يعني اهڙا) مڙس جو ڪين نڪي واپار ۽ نڪي سودو الله جي ياد ڪرڻ ۽ نماز پڙهڻ ۽ زڪواة ڏيڻ کان جهليندو آهي، انهيءَ ڏينهن کان ڊڄندا آهن، جنهن ۾ دليون ۽ اکيون اُبتيون ٿينديون (٣٧). هن لاءِ ته جيڪي تمام چڱا عمل ڪيائون، تن جو ڪين الله بدلو ڏئي ۽ ڪين پنهنجي فضل سان وڌيڪ به ڏئي ۽ الله جنهن کي گهرندو آهي (تنهن کي) اڻ ڳڻي روزي ڏيندو آهي (٣٨). ۽ جن ڪفر ڪيو، تن جا اعمال رڻ پٽ جي رُڃ وانگر آهن، جو اُڃو ان کي پاڻي ڀانئي، تانجو جڏهن اُن وٽ اچي (تڏهن) ان کي ڪا شيءِ نه لهي ۽ الله کي ئي ان وٽ لهي جو اهو کيس سندس حساب پورو پهچائي ڏئي ۽ الله جلد حساب وٺندڙ آهي (٣٩). يا (ڪافر جي اعمالن جو مثال) اونداهين وانگر آهي جو اونهي درياءَ ۾ لهرين جي مٿان لهرين ويڙهيس مٿانئس جهڙ هجي، هڪ ٻئي جي مٿان (اُهي) اونداهيون هجن، جڏهن پنهنجو هٿ ڪڍي (تڏهن) ان کي ڏسي نه سگهي ۽ جنهن کي الله سوجهرو نه ڏنو تنهن کي ڪو سوجهرو ڪونهي (٤٠). نه ڏٺو اٿئي ڇا ته جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن سي ۽ ڪليل پرن وارا پکي الله جي پاڪائي بيان ڪندا آهن؟ بيشڪ سڀيئي پنهنجيءَ نماز ۽ پنهنجيءَ تسبيح (پڙهڻ جي طريقي) کان واقف آهن ۽ جيڪي ڪندا آهن، سو الله ڄاڻندڙ آهي (٤١). ۽ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهت الله جي آهي ۽ الله ڏانهن ورڻو آهي (٤٢). (اي پيغمبر!) نه ڏٺو اٿيئي ڇا ته الله ڪڪرن کي هلائيندو آهي، وري انهن کي پاڻ ۾ گڏيندو آهي، وري ڪين تهن تي ته ڪندو آهي، پوءِ ڦڙي ڏسندو آهين ته سندن وچيان نڪرندي آهي ۽ آسمان کان اُتي جي ڳڙن جي جبلن مان ڳڙو وسائيندو آهي، پوءِ جنهن کي وٽيس، تنهن کي اُهو لڳائيندو آهي ۽ جنهن کان وٽيس تنهن کان اهو ٽاريندو آهي. ان (ڪڪر) جي وڄ جو چمڪاٽ (ڄڻ ته) اِجهو اکيون ٿو نئي (٤٣).

يُقَلِّبُ اللّٰهُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ ؕ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَعِبْرَةً لِّاُولِى الْاَبْصَارِ ﴿۴۴﴾
وَاللّٰهُ خَلَقَ كُلَّ دَآبَّةٍ مِّنْ مَّآءٍ ۚ فَمِنْهُمْ مَّنْ يَّمْشِىْ عَلٰى بَطْنِهٖ ۚ وَمِنْهُمْ
مَّنْ يَّمْشِىْ عَلٰى رِجْلَيْنِ ۚ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّمْشِىْ عَلٰۤى اَرْبَعٍ ؕ يَخْلُقُ اللّٰهُ مَا
يَشَآءُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۴۵﴾ لَقَدْ اَنْزَلْنَاۤ اٰيٰتٍ مُّبَيِّنٰتٍ ؕ وَ
اللّٰهُ يَهْدِىْ مَنْ يَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۴۶﴾ وَيَقُوْلُوْنَ اٰمَنَّا
بِاللّٰهِ وَبِالرَّسُوْلِ وَاَطَعْنَا ثُمَّ يَتَوَلّٰى فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ
ذٰلِكَ ؕ وَمَاۤ اُولٰٓئِكَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۴۷﴾ وَاِذَا دُعُوْۤا اِلَى اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ
لِيَحْكُمَ بَيْنَهُمْ اِذَا فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿۴۸﴾ وَاِنْ يَّكُنْ لَّهُمُ الْحَقُّ
يَاْتُوْۤا اِلَيْهِ مُذْعِنِيْنَ ﴿۴۹﴾ اَفِىْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ اَمِ ارْتَابُوْۤا اَمْ
يَخَافُوْنَ اَنْ يَّحِيْفَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ وَرَسُوْلُهٗ ؕ بَلْ اُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۵۰﴾ ع
اِنَّمَا كَانَ قَوْلَ الْمُؤْمِنِيْنَ اِذَا دُعُوْۤا اِلَى اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ لِيَحْكُمَ
بَيْنَهُمْ اَنْ يَّقُوْلُوْا سَمِعْنَا وَاَطَعْنَا ؕ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۵۱﴾ وَمَنْ
يُّطِعِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَيَخْشَ اللّٰهَ وَيَتَّقْهِ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفَآئِزُوْنَ ﴿۵۲﴾
وَاَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ لَئِنْ اَمَرْتَهُمْ لَيَخْرُجُنَّ ؕ قُلْ لَّا
تُقْسِمُوْا ۚ طَاعَةٌ مَّعْرُوْفَةٌ ؕ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿۵۳﴾

الله رات ۽ ڏينهن کي مٽائيندو آهي، بيشڪ اُن ۾ ڏسڻ وارن لاءِ عبرت آهي (۴۴). ۽ الله سيڪو جاندار پاڻيءَ مان بڻايو آهي، پوءِ منجهانئن ڪي پنهنجي پيٽ ڀر هلندا آهن ۽ منجهانئن ڪي ٻن پيرن تي هلندا آهن ۽ منجهانئن ڪي چئن (پيرن) تي هلندا آهن. الله جيڪي گهرندو آهي، سو پيدا ڪندو آهي، ڇو ته الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وَس وارو آهي (۴۵). بيشڪ پڌريون آيتون نازل ڪيون سون ۽ الله جنهن کي گهري تنهن کي سڌو رستو ڏيکاريندو آهي (٤٦). ۽ (منافق) چوندا آهن ته، الله تي ۽ پيغمبر تي ايمان آندوسون ۽ فرمانبرداري ڪئي سون، وري ان کان پوءِ منجهانئن هڪ ٽولي ڦري وڃي ٿي ۽ اهي ايمان وارا نه آهن (۴۷). ۽ جڏهن الله ۽ سندس پيغمبر ڏانهن سڏبا آهن ته سندن وچ ۾ (پيغمبر) نبيرو ڪري (تڏهن) اُمالڪ منجهانئن هڪ ٽولي منهن موڙيندڙ آهي (۴۸). ۽ جيڪڏهن (ڪنهن تي) سندن حق هوندو آهي ته پيغمبر ڏانهن ڪنڌ نوائي ايندا آهن (۴۹). سَندين دلين ۾ بيماري آهي ڇا يا شڪ ۾ پيا آهن يا ڊڄندا آهن ته الله ۽ سندس پيغمبر مٿن ظلم ڪندو؟ (نه!) بلڪ اهي پاڻ بي انصاف آهن (٥٠). جڏهن مؤمنن کي الله ۽ سندس پيغمبر ڏانهن سڏبو آهي ته (پيغمبر) سندن وچ ۾ نبيرو ڪري تڏهن انهن جو چوڻ رڳو هيءُ هوندو آهي ته ٻڌوسون ۽ حڪم مڃيوسون ۽ اهي ئي ڇٽل آهن (٥١). ۽ جيڪو الله ۽ سندس پيغمبر جو چيو مڃيندو ۽ الله کان ڊڄندو ۽ اُن (جي نافرمانيءَ) کان بچندو، (ته) پوءِ اِهي ئي مراد ماڻيندڙ آهن (٥٢). ۽ الله جا وڏا قسم پڪيءَ طرح کڻندا آهن ته جيڪڏهن کين (جهاد جو) حڪم ڪرين ته ضرور (سڀ ڦٽي ڪري پنهنجي ديس مان) نڪرندا (اي پيغمبر! کين) چؤ ته اوهين قسم نه کڻو، دستوري فرمانبرداري (ڪريو). ڇو ته جيڪي ڪندا آهيو (تنهن جي) الله خبر رکندڙ آهي (٥٣).

قُلْ اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ ۚ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا عَلَيْهِ
مَا حُمِّلَ وَعَلَيْكُمْ مَّا حُمِّلْتُمْ ؕ وَاِنْ تُطِيْعُوْهُ تَهْتَدُوْا ؕ وَمَا عَلَى
الرَّسُوْلِ اِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿٥٤﴾ وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ وَ
عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَيَسْتَخْلِفَنَّهُمْ فِى الْاَرْضِ كَمَا اسْتَخْلَفَ الَّذِيْنَ
مِنْ قَبْلِهِمْ ۪ وَلَيُمَكِّنَنَّ لَهُمْ دِيْنَهُمُ الَّذِى ارْتَضٰى لَهُمْ وَلَيُبَدِّلَنَّهُمْ
مِّنْۢ بَعْدِ خَوْفِهِمْ اَمْنًا ؕ يَعْبُدُوْنَنِىْ لَا يُشْرِكُوْنَ بِىْ شَيْـًٔا ؕ وَمَنْ
كَفَرَ بَعْدَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿٥٥﴾ وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ
اٰتُوا الزَّكٰوةَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿٥٦﴾ لَا تَحْسَبَنَّ
الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مُعْجِزِيْنَ فِى الْاَرْضِ ۚ وَمَاْوٰىهُمُ النَّارُ ؕ وَلَبِئْسَ
الْمَصِيْرُ ﴿٥٧﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لِيَسْتَاْذِنْكُمُ الَّذِيْنَ مَلَكَتْ
اَيْمَانُكُمْ وَالَّذِيْنَ لَمْ يَبْلُغُوا الْحُلُمَ مِنْكُمْ ثَلٰثَ مَرّٰتٍ ؕ مِنْ
قَبْلِ صَلٰوةِ الْفَجْرِ وَحِيْنَ تَضَعُوْنَ ثِيَابَكُمْ مِّنَ الظَّهِيْرَةِ
وَمِنْۢ بَعْدِ صَلٰوةِ الْعِشَآءِ ۫ ثَلٰثُ عَوْرٰتٍ لَّكُمْ ؕ لَيْسَ عَلَيْكُمْ وَ
لَا عَلَيْهِمْ جُنَاحٌۢ بَعْدَهُنَّ ؕ طَوّٰفُوْنَ عَلَيْكُمْ بَعْضُكُمْ عَلٰى
بَعْضٍ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٥٨﴾

چؤ تہ الله جي فرمانبرداري ڪريو ۽ پيغمبر جي فرمانبرداري ڪريو، پوءِ جيڪڏهن ڦرندؤ تہ جيڪي پيغمبر تي (الله جي حڪمن پهچائڻ جو حق) رکيو ويو، تنهن جو ذمو مٿس ئي آهي ۽ جيڪي اوهان تي رکيو ويو، (تنهن تي عمل ڪرڻ جو حق) اوهان تي ئي آهي ۽ جيڪڏهن سندس چيو مـجيندؤ تہ هـدايت ٿيندوَ ۽ پيغمبر تي تہ رڳو پڌرو پيغام پهچائڻ (لازم) آهي (٥٤). اوهان مان جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا، تن کي الله انجام ڏنو آهي تہ ملڪ ۾ کين ضرور خليفو ڪندو، جيئن ڪانئن اڳين کي حاڪم ڪيائين ۽ سندن اُنهيءَ دين کي جو اُنهن واسطي پسند ڪيو اٿس، اُنهن لاءِ ضرور پختو ڪندو ۽ سندن خوف کان پوءِ کين مٽائي امن ڏيندو (اُهي) منهنجي عبادت ڪندا رهندا (۽) مون سان ڪنهن شيءِ کي شريڪ نہ ڪندا ۽ جيڪي اِن کان پوءِ ناشُڪري ڪندا سي ئي بي دين آهن (٥٥). ۽ نماز پڙهو ۽ زڪواة ڏيو ۽ پيـغمبر جي فرمانبرداري ڪريو تہ مَنَ اوهان تي رحم ڪيو وڃي (٥٦). ڪافرن کي نہ ڀانئہ تہ زمين ۾ ٿڪائيندڙ آهن. ۽ سندن جاءِ دوزخ آهـي ۽ البتہ اُهو موٽـڻ جو هنڌ بڇڙو آهي (٥٧). اي ايمان وارؤ! اوهان جي ٻانهن کي ۽ جيڪي اوهان (جي ٻارن) مان بلوغت کي نہ پهتا آهن، تن کي ٽي وقت (گهرن ۾ اچڻ لاءِ) اوهان کان موڪلائڻ گهرجي، فجر جي نماز کان اڳ ۽ منجهند جو جڏهن اوهين پنهنجا ڪپڙا لاهي رکندا آهيو ۽ سومهڻيءَ جي نماز کان پوءِ، (جو اِهي) اوهان لاءِ ٽي اوگهڙ (جا وقت) آهن. اُنهن (وقتن) کان پوءِ (هڪ ٻئي وٽ اوهان جي اچڻ وڃڻ ۾) نڪي اوهان تي ۽ نڪي اُنهن تي گناهہ آهي. اوهين هڪٻئي تي هر هر ڦرندڙ گهرندڙ آهيو اهڙيءَ طرح الله اوهان لاءِ حڪم بيان ڪري ٿو ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (٥٨).

وَاِذَا بَلَغَ الْاَطْفَالُ مِنْكُمُ الْحُلُمَ فَلْيَسْتَاْذِنُوْا كَمَا
اسْتَاْذَنَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ
اٰيٰتِهٖ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿۵۹﴾ وَالْقَوَاعِدُ مِنَ النِّسَآءِ الّٰتِىْ
لَا يَرْجُوْنَ نِكَاحًا فَلَيْسَ عَلَيْهِنَّ جُنَاحٌ اَنْ يَّضَعْنَ
ثِيَابَهُنَّ غَيْرَ مُتَبَرِّجٰتٍۭ بِزِيْنَةٍ ؕ وَاَنْ يَّسْتَعْفِفْنَ
خَيْرٌ لَّهُنَّ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۶۰﴾ لَيْسَ عَلَى الْاَعْمٰى
حَرَجٌ وَّلَا عَلَى الْاَعْرَجِ حَرَجٌ وَّلَا عَلَى الْمَرِيْضِ حَرَجٌ
وَّلَا عَلٰٓى اَنْفُسِكُمْ اَنْ تَاْكُلُوْا مِنْۢ بُيُوْتِكُمْ اَوْ
بُيُوْتِ اٰبَآئِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ اُمَّهٰتِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ اِخْوَانِكُمْ
اَوْ بُيُوْتِ اَخَوٰتِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ اَعْمَامِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ عَمّٰتِكُمْ
اَوْ بُيُوْتِ اَخْوَالِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ خٰلٰتِكُمْ اَوْ مَا مَلَكْتُمْ
مَّفَاتِحَهٗۤ اَوْ صَدِيْقِكُمْ ؕ لَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ
تَاْكُلُوْا جَمِيْعًا اَوْ اَشْتَاتًا ؕ فَاِذَا دَخَلْتُمْ بُيُوْتًا
فَسَلِّمُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِكُمْ تَحِيَّةً مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ مُبٰرَكَةً
طَيِّبَةً ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿۶۱﴾ ع

۽ جڏهن اوهان جا ٻار بلوغت کي پهچن، تڏهن ڪين اهڙيءَ طرح موڪل وٺڻ گهرجي، جهڙيءَ طرح انهن (ڇوڪرن) جا اڳيان (يعني وڏا) موڪل وٺندا آهن. اهڙيءَ طرح الله اوهان لاءِ پنهنجا حڪم بيان فرمائي ٿو. ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (٥٩). ۽ جيڪي ٻڍيون زائفون پرٽي جو ڪو آسرو نه رکنديون هجن سي جيڪڏهن سينگار جي ظاهر نه ڪرڻ جي ارادي سان پنهنجون چادريون نه ڍڪين ته مٿن گناهه ڪونهي ۽ جيڪڏهن (ان کان به) بچن ته انهن لاءِ ڀلو آهي ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٦٠). انڌي تي ڪو حرج نه آهي ۽ نڪي منڊي تي ڪو حرج ۽ نڪي بيمار تي ڪو حرج ۽ نڪي خود اوهان (ماڻهن) تي (ڪو حرج) آهي، جي اوهين پنهنجن گهرن (مان) يا پنهنجن پين جي گهرن يا پنهجين مائرن جي گهرن يا پنهنجن ڀائرن جي گهرن يا پنهنجين ڀينرن جي گهرن يا پنهنجن چاچن جي گهرن يا پنهنجين ڦڦين جي گهرن يا پنهنجن مامن جي گهرن يا پنهنجين ماسين جي گهرن يا جن (گهرن) جون ڪنجيون اوهان جي هٿ آهن، يا پنهنجن دوستن جي گهرن مان کائو. گڏجي (کائڻ) يا ڌار ڌار تي کائڻ ۾ اوهان تي ڪو گناهه ڪونهي. پوءِ جڏهن گهرن ۾ گهڙو تڏهن پنهنجن ماڻهن تي سلام ڏيو جو (اها) الله وٽان برڪت واري سٺي دعا آهي. اهڙيءَ طرح الله اوهان لاءِ حڪم بيان ڪندو آهي ته مَنَ اوهين سمجهو (٦١).

إِنَّمَا الْمُؤْمِنُونَ الَّذِينَ آمَنُوا بِاللَّهِ وَرَسُولِهِ وَإِذَا كَانُوا
مَعَهُ عَلَىٰ أَمْرٍ جَامِعٍ لَّمْ يَذْهَبُوا حَتَّىٰ يَسْتَأْذِنُوهُ ۚ إِنَّ
الَّذِينَ يَسْتَأْذِنُونَكَ أُولَٰئِكَ الَّذِينَ يُؤْمِنُونَ بِاللَّهِ وَرَسُولِهِ ۚ
فَإِذَا اسْتَأْذَنُوكَ لِبَعْضِ شَأْنِهِمْ فَأْذَن لِّمَن شِئْتَ مِنْهُمْ
وَاسْتَغْفِرْ لَهُمُ اللَّهَ ۚ إِنَّ اللَّهَ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿٦٢﴾ لَّا تَجْعَلُوا دُعَاءَ
الرَّسُولِ بَيْنَكُمْ كَدُعَاءِ بَعْضِكُم بَعْضًا ۚ قَدْ يَعْلَمُ اللَّهُ الَّذِينَ
يَتَسَلَّلُونَ مِنكُمْ لِوَاذًا ۚ فَلْيَحْذَرِ الَّذِينَ يُخَالِفُونَ عَنْ أَمْرِهِ
أَن تُصِيبَهُمْ فِتْنَةٌ أَوْ يُصِيبَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿٦٣﴾ أَلَا إِنَّ لِلَّهِ مَا
فِي السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ ۖ قَدْ يَعْلَمُ مَا أَنتُمْ عَلَيْهِ ۖ وَيَوْمَ
يُرْجَعُونَ إِلَيْهِ فَيُنَبِّئُهُم بِمَا عَمِلُوا ۗ وَاللَّهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيمٌ ﴿٦٤﴾ ع

## سُورَةُ الْفُرْقَانِ

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ ○
تَبَارَكَ الَّذِي نَزَّلَ الْفُرْقَانَ عَلَىٰ عَبْدِهِ لِيَكُونَ لِلْعَالَمِينَ نَذِيرًا ﴿١﴾
الَّذِي لَهُ مُلْكُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ وَلَمْ يَتَّخِذْ وَلَدًا وَلَمْ يَكُن
لَّهُ شَرِيكٌ فِي الْمُلْكِ وَخَلَقَ كُلَّ شَيْءٍ فَقَدَّرَهُ تَقْدِيرًا ﴿٢﴾

مؤمن رڳو اُهي آهن، جن الله ۽ سندس پيغمبر تي ايمان آندو آهي ۽ جڏهن
گڏ تي ڪرڻ واري ڪنهن ڪم ۾ ساڻس هوندا آهن (تڏهن) ايسين
ڪيڏي نه ويندا آهن، جيسين ڪائنس موڪل (نه) وٺندا آهن. بيشڪ (اي
پيغمبر!) جيڪي توکان موڪلائيندا آهن، سي اُهي آهن جي الله ۽ سندس
پيغمبر کي مڃيندا آهن، پوءِ جڏهن پنهنجن ڪن ڪمن لاءِ توکان
موڪلائين تڏهن انهن مان جنهن لاءِ گهرين تنهن کي موڪل ڏي ۽ اُنهن
لاءِ الله کان بخشش گُهر، ڇو ته الله بخشڻهار مهربان آهي (٦٢). اوهين
پيغمبر کي سڏڻ اهڙيءَ طرح نه ڀانيو جهڙيءَ طرح اوهان جو پاڻ ۾ هڪ
ٻئي کي سڏڻ آهي. بيشڪ الله اُنهن کي ڄاڻندو آهي، جيڪي اوهان مان
ٻئي جي اوٽ ڪري ڪسڪي ويندا آهن، پوءِ جيڪي سندس حڪم جي
ابتڙ هلندا آهن، تن کي پاڻ تي آفت پهچڻ کان يا پاڻ تي ڪنهن ڏکوئيندڙ
عذاب پهچڻ کان ڊڄڻ گهرجي (٦٣). خبردار! جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾
آهي، سو بيشڪ الله جو آهي، جنهن (حال) تي اوهين آهيو تنهن کي
بيشڪ الله ڄاڻندو آهي ۽ جنهن ڏينهن ڏانهنس موٽايا ويندا (تنهن ڏينهن)
جيڪي (عمل) ڪيائون تنهن جي کين سڌ ڏيندو ۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ
کي ڄاڻندڙ آهي. (٦٤).

**سورة فرقان مڪي آهي ۽ هن ۾ ستهتر
آيتون ۽ ڇهه رڪوع آهن**

**الله ٻاجهاري جي نالي سان (شروع)**

اُهو (الله) وڏو برڪت وارو آهي، جنهن پنهنجي ٻانهي تي (حق باطل جو)
فرق ڪندڙ (قرآن هن لاءِ) نازل ڪيو ته جهان وارن لاءِ ڊيڄاريندڙ
هجي (١). (اُهو آهي) جنهن کي آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي آهي ۽ (پاڻ
لاءِ) نڪو اولاد ورتائين ۽ نڪي بادشاهيءَ ۾ ساڻس ڪو شريڪ آهي ۽
سڀڪنهن شيءِ کي بڻايائين، پوءِ اُن جو اندازو پوريءَ طرح ٺهرايائين (٢).

وَاتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اٰلِهَةً لَّا يَخْلُقُوْنَ شَيْئًا وَّهُمْ يُخْلَقُوْنَ
وَلَا يَمْلِكُوْنَ لِاَنْفُسِهِمْ ضَرًّا وَّلَا نَفْعًا وَّلَا يَمْلِكُوْنَ مَوْتًا
وَّلَا حَيٰوةً وَّلَا نُشُوْرًا ﴿٣﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ هٰذَآ اِلَّآ
اِفْكُ ۨ افْتَرٰىهُ وَاَعَانَهٗ عَلَيْهِ قَوْمٌ اٰخَرُوْنَ ۛ فَقَدْ جَآءُوْ
ظُلْمًا وَّزُوْرًا ﴿٤﴾ۛ وَقَالُوْٓا اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ اكْتَتَبَهَا فَهِيَ
تُمْلٰى عَلَيْهِ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا ﴿٥﴾ قُلْ اَنْزَلَهُ الَّذِيْ يَعْلَمُ السِّرَّ
فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ اِنَّهٗ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٦﴾ وَقَالُوْا
مَالِ هٰذَا الرَّسُوْلِ يَاْكُلُ الطَّعَامَ وَيَمْشِيْ فِي الْاَسْوَاقِ ۭ
لَوْلَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِ مَلَكٌ فَيَكُوْنَ مَعَهٗ نَذِيْرًا ﴿٧﴾ۙ اَوْ يُلْقٰٓى
اِلَيْهِ كَنْزٌ اَوْ تَكُوْنُ لَهٗ جَنَّةٌ يَّاْكُلُ مِنْهَا ۭ وَقَالَ الظّٰلِمُوْنَ
اِنْ تَتَّبِعُوْنَ اِلَّا رَجُلًا مَّسْحُوْرًا ﴿٨﴾ اُنْظُرْ كَيْفَ ضَرَبُوْا لَكَ
الْاَمْثَالَ فَضَلُّوْا فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ سَبِيْلًا ﴿٩﴾ع تَبٰرَكَ الَّذِيْٓ
اِنْ شَاۗءَ جَعَلَ لَكَ خَيْرًا مِّنْ ذٰلِكَ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ
مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۙ وَيَجْعَلْ لَّكَ قُصُوْرًا ﴿١٠﴾ بَلْ كَذَّبُوْا
بِالسَّاعَةِ وَاَعْتَدْنَا لِمَنْ كَذَّبَ بِالسَّاعَةِ سَعِيْرًا ﴿١١﴾ۚ

۽ (ڪافرن) الله ڪان سواءِ اُهي معبود ورتا آهن، جو ڪجھ بڻائي نہ سگھندا آهن ۽ اُهي پاڻ پيدا ڪيل آهن ۽ پاڻ لاءِ نڪي ڏک ۽ نڪي سک جو اختيار اٿن ۽ نڪي موت ۽ نڪي حياتيءَ ۽ نڪي وري جيئري ٿيڻ جو اختيار اٿن (٣). ۽ ڪافر چوندا آهن تہ هيءُ (قرآن) رڳو ڪوڙو قصو آهي، (جو) اُهو پاڻ ٺاهيو اٿس ۽ اُن (جي ٺاهڻ) تي ٻي قوم بہ ڪيس مدد ڏني آهي، (اهڙي چوڻ سان) بيشڪ اُنهن ظلم ۽ ڪوڙ (ڪم ۾) آندو آهي (٤). ۽ چيائون تہ (هي قرآن) اڳين جا قصا آهن، جو اُهي لکايا اٿس، پوءِ اهي مٿس صبح ۽ سانجھيءَ پڙهيا آهن (٥). (اي پيغمبر! ڪين) چؤ تہ، اُهو (قرآن) اُنهيءَ (الله) نازل ڪيو آهي، جيڪو آسمانن ۽ زمين جو ڳجھ ڄاڻندو آهي. بيشڪ اُهو بخشڻهار مهربان آهي (٦). ۽ (ڪافر) چون ٿا تہ، هن پيغمبر کي ڇا (ٿيو) آهي، جو کاڌو کائيندو آهي ۽ بازارين ۾ گھمندو آهي، ڏانهس ملائڪ ڇو نہ نازل ڪيو ويو آهي تہ اهو ساڻس (گڏ) ڊيڄاريندڙ هجي (٧). يا ڏانهس (آسمان کان) خزانو ڇو نہ اُڇليو ويو يا ان کي ڪو باغ ڇو نہ آهي، جو منجهانئس کائي ۽ ظالم چوندا آهن تہ، اوهين رڳو جادو ڪيل ماڻهو جي تابعداري ڪندا آهيو (٨). (اي پيغمبر) ڏس تہ تو لاءِ ڪهڙيءَ طرح جون ڳالهيون ڪندا آهن، پوءِ (اُهي) گمراہ ٿيا ۽ (هاڻي) ڪا واٽ لهي نہ ٿا سگھن (٩). اُهو (الله) وڏو برڪت وارو آهي، جيڪڏهن گهري تہ (دنيا ۾) تو لاءِ هن (چيل) ڪان ڀلا باغ جن جي هيٺان واهيون پيون وهن، سي توکي ڏئي ۽ توکي وڏيون ماڙيون (بہ) ڏئي (١٠). بلڪ قيامت کي ڪوڙ ڀانيو اٿن ۽ جنهن قيامت کي ڪوڙو ڀانيو تنهن لاءِ دوزخ تيار ڪيو اٿؤن (١١).

إِذَا رَأَتْهُمْ مِنْ مَكَانٍ بَعِيدٍ سَمِعُوا لَهَا تَغَيُّظًا وَزَفِيرًا ﴿١٢﴾
وَإِذَا أُلْقُوا مِنْهَا مَكَانًا ضَيِّقًا مُقَرَّنِينَ دَعَوْا هُنَالِكَ
ثُبُورًا ﴿١٣﴾ لَا تَدْعُوا الْيَوْمَ ثُبُورًا وَاحِدًا وَادْعُوا ثُبُورًا
كَثِيرًا ﴿١٤﴾ قُلْ أَذَٰلِكَ خَيْرٌ أَمْ جَنَّةُ الْخُلْدِ الَّتِي وُعِدَ
الْمُتَّقُونَ ۚ كَانَتْ لَهُمْ جَزَاءً وَمَصِيرًا ﴿١٥﴾ لَهُمْ فِيهَا مَا يَشَاءُونَ
خَالِدِينَ ۚ كَانَ عَلَىٰ رَبِّكَ وَعْدًا مَسْئُولًا ﴿١٦﴾ وَيَوْمَ يَحْشُرُهُمْ
وَمَا يَعْبُدُونَ مِنْ دُونِ اللَّهِ فَيَقُولُ أَأَنْتُمْ أَضْلَلْتُمْ
عِبَادِي هَٰؤُلَاءِ أَمْ هُمْ ضَلُّوا السَّبِيلَ ﴿١٧﴾ قَالُوا سُبْحَانَكَ
مَا كَانَ يَنْبَغِي لَنَا أَنْ نَتَّخِذَ مِنْ دُونِكَ مِنْ أَوْلِيَاءَ وَ
لَٰكِنْ مَتَّعْتَهُمْ وَآبَاءَهُمْ حَتَّىٰ نَسُوا الذِّكْرَ ۚ وَكَانُوا قَوْمًا
بُورًا ﴿١٨﴾ فَقَدْ كَذَّبُوكُمْ بِمَا تَقُولُونَ فَمَا تَسْتَطِيعُونَ صَرْفًا
وَلَا نَصْرًا ۚ وَمَنْ يَظْلِمْ مِنْكُمْ نُذِقْهُ عَذَابًا كَبِيرًا ﴿١٩﴾
وَمَا أَرْسَلْنَا قَبْلَكَ مِنَ الْمُرْسَلِينَ إِلَّا إِنَّهُمْ لَيَأْكُلُونَ
الطَّعَامَ وَيَمْشُونَ فِي الْأَسْوَاقِ ۗ وَجَعَلْنَا بَعْضَكُمْ
لِبَعْضٍ فِتْنَةً أَتَصْبِرُونَ ۗ وَكَانَ رَبُّكَ بَصِيرًا ﴿٢٠﴾ ع

جڏهن (دوزخ) اُنهن کي ڏوراهين هنڌ کان ڏسندو (تڏهن) اُن جون ڪاوڙ جون هڪلون ۽ گجڪار ٻڌندا (١٢). ۽ جڏهن اُتان هٿ پير جڪڙيل، سوڙهي هنڌ سٽيا ويندا (تڏهن) اُتي (پاڻ لاءِ) هلاڪت کي سڏيندا (١٣). (چيو ويندن ته) اَڄ اوهين هڪ هلاڪت کي نه پڪاريو پر گهڻن هلاڪتن کي پڪاريو (١٤). (اي پيغمبر!) ڪين چئو ته اِهو ڀلو آهي يا اُهو هميشه وارو بهشت جنهن جو پرهيزگارن کي انجام ڏنو ويو آهي؟ جو اُنهن لاءِ بدلو ۽ موٽڻ جو هنڌ هوندو (١٥). جيڪي گهرندا سو انهن لاءِ منجهس سدائين (موجود) هوندو، تنهنجي پالڻهار کان (اِهو) وعدو گهريل آهي (١٦). ۽ اُن ڏينهن ڪين ۽ جن کي الله کان سواءِ پوڄيندا آهن، تن کي الله گڏ ڪندو، پوءِ چوندو ته اوهان هنن منهنجن ٻانهن کي گمراه ڪيو هو يا اُهي پاڻ واٽ کان گمراهه ٿيا هوا؟ (١٧). چوندا ته تنهنجي پاڪائي بيان ٿا ڪريون، توکان سواءِ اسان کي ڪو دوست وٺڻ نه جڳائيندو هو، پر اُنهن کي ۽ سندن پين ڏاڏن کي آسودو ڪيئه تان جو نصيحت وساريائون ۽ هلاڪ ٿيل قوم ٿيا (١٨). پوءِ (چوندا سون ته اي ڪافرؤ!) بيشڪ جيڪي (ڳالهيون هنن معبودن بابت) چيوَ ٿي، تن ۾ اُنهن اوهان کي ڪوڙو ڪيو پوءِ (اوهين) نڪي عذاب ٽاري سگهو ٿا ۽ نڪي مدد وٺي سگهو ٿا. ۽ اوهان مان جنهن ظلم ڪيو هوندو، تنهن کي وڏو عذاب چکائينداسون (١٩). ۽ توکان اڳ پيمغبرن مان جيترا به موڪليا سون سي (به توئي وانگي) کاڌو کائيندا هوا ۽ بازارين ۾ گهمندا هوا ۽ اوهان کي (پاڻ ۾) هڪ ٻئي لاءِ پرک ڪيو اٿؤن (ته ڏسون ته) صبر ڪريو ٿا (يا نه)؟ ۽ تنهنجو پالڻهار ڏسندڙ آهي (٢٠).

وَقَالَ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا
الْمَلٰٓئِكَةُ اَوْ نَرٰى رَبَّنَا ؕ لَقَدِ اسْتَكْبَرُوْا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ وَعَتَوْ عُتُوًّا
كَبِيْرًا ﴿٢١﴾ يَوْمَ يَرَوْنَ الْمَلٰٓئِكَةَ لَا بُشْرٰى يَوْمَئِذٍ لِّلْمُجْرِمِيْنَ وَ
يَقُوْلُوْنَ حِجْرًا مَّحْجُوْرًا ﴿٢٢﴾ وَقَدِمْنَآ اِلٰى مَا عَمِلُوْا مِنْ عَمَلٍ
فَجَعَلْنٰهُ هَبَآءً مَّنْثُوْرًا ﴿٢٣﴾ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ يَوْمَئِذٍ خَيْرٌ مُّسْتَقَرًّا
وَّاَحْسَنُ مَقِيْلًا ﴿٢٤﴾ وَيَوْمَ تَشَقَّقُ السَّمَآءُ بِالْغَمَامِ وَنُزِّلَ الْمَلٰٓئِكَةُ
تَنْزِيْلًا ﴿٢٥﴾ اَلْمُلْكُ يَوْمَئِذِ ۨالْحَقُّ لِلرَّحْمٰنِ ؕ وَكَانَ يَوْمًا عَلَى
الْكٰفِرِيْنَ عَسِيْرًا ﴿٢٦﴾ وَيَوْمَ يَعَضُّ الظَّالِمُ عَلٰى يَدَيْهِ يَقُوْلُ
يٰلَيْتَنِي اتَّخَذْتُ مَعَ الرَّسُوْلِ سَبِيْلًا ﴿٢٧﴾ يٰوَيْلَتٰى لَيْتَنِيْ لَمْ
اَتَّخِذْ فُلَانًا خَلِيْلًا ﴿٢٨﴾ لَقَدْ اَضَلَّنِيْ عَنِ الذِّكْرِ بَعْدَ اِذْ جَآءَنِيْ ؕ
وَكَانَ الشَّيْطٰنُ لِلْاِنْسَانِ خَذُوْلًا ﴿٢٩﴾ وَقَالَ الرَّسُوْلُ يٰرَبِّ
اِنَّ قَوْمِي اتَّخَذُوْا هٰذَا الْقُرْاٰنَ مَهْجُوْرًا ﴿٣٠﴾ وَكَذٰلِكَ جَعَلْنَا لِكُلِّ
نَبِيٍّ عَدُوًّا مِّنَ الْمُجْرِمِيْنَ ؕ وَكَفٰى بِرَبِّكَ هَادِيًا وَّنَصِيْرًا ﴿٣١﴾
وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْلَا نُزِّلَ عَلَيْهِ الْقُرْاٰنُ جُمْلَةً
وَّاحِدَةً ۚۛ كَذٰلِكَ ۚۛ لِنُثَبِّتَ بِهٖ فُؤَادَكَ وَرَتَّلْنٰهُ تَرْتِيْلًا ﴿٣٢﴾

۽ جيڪي اسان جي ملڻ جي اميد نہ رکندا آهن سي چوندا آهن تہ اسان تي
ڇو نہ ملائڪ نازل ڪيا ويا يا پنهنجي پالڻهار کي (ڇو نہ ٿا) ڏسون؟
بيشڪ اُنهن پنهنجن دلين (نفسن) ۾ وڏائي ڪئي ۽ تمام وڏو هٺ
ڪيائون (٢١). جنهن ڏينهن ملائڪن کي ڏسندا تنهن ڏينهن ڏوهارين لاءِ
ڪا خوشخبري نہ آهي ۽ چوندا تہ (الله ڪري اوهين شال) گهڻو پري
هجو! (٢٢). ۽ جيڪو بہ عمل ڪيائون تنهن ڏانهن اسين رخ ڪنداسون،
پوءِ اُن کي اڏاميل ڌوڙ ڪري ڇڏينداسون (٢٣). اُنهيءَ ڏينهن بهشتن جي
رهڻ جي جاءِ تمام ڀلي ۽ آرام ڪرڻ جي جاءِ بہ تمام سهڻي
هوندي (٢٤). ۽ جنهن ڏينهن آسمان ڪڪرن سان ڦاٽندو ۽ ملائڪ لڳو
لڳ لاهبا (٢٥). اُن ڏينهن سچي حڪومت ٻاجهاري (الله) جي آهي، ۽ اهو
ڏينهن ڪافرن تي سخت ٿيندو (٢٦). ۽ جنهن ڏينهن ظالم پنهنجا ٻئي
هٿ چَٻيندو چوندو تہ، هاءِ اَرمان! (جيڪر) پيمغبر سان گڏ واٽ ونان ها!
(تہ چڱو هو) (٢٧). هئہ هئہ ارمان !جيڪر فلاڻي کي دوست نہ وٺان
ها (٢٨). بيشڪ جڏهن مون وٽ نصيحت آئي تنهن کان پوءِ هن مون کي
ان کان گمراه ڪيو ۽ شيطان ماڻهوءَ کي (وقت تي) دغا ڏيندڙ
آهي (٢٩). ۽ پيغمبر چوندو تہ اي منهنجا پالڻهار! بيشڪ منهنجيءَ قوم
هن قرآن کي ڇڏي ڏنو هو (٣٠). ۽ اهڙيءَ طرح سڀ ڪنهن پيغمبر لاءِ
ڏوهارين مان ويري بڻاياسون، ۽ تنهنجو پالڻهار هدايت ڪرڻ وارو ۽ مدد ڏيڻ
وارو ڪافي آهي (٣١). ۽ ڪافر چون ٿا تہ، پيغمبر تي سارو قرآن هڪ ئي
ڀيري ڇو نہ نازل ڪيو ويو؟ اهڙيءَ طرح (ٿورو ٿورو ڪري لاٿو سون) تہ
ان سان تنهنجيءَ دل کي مضبوط ڪريون ۽ اُهو آهستي آهستي پڙهي
ٻڌايوسون (٣٢).

وَلَا يَاْتُوْنَكَ بِمَثَلٍ اِلَّا جِئْنٰكَ بِالْحَقِّ وَاَحْسَنَ تَفْسِيْرًا ؕ ۳۳ اَلَّذِيْنَ
يُحْشَرُوْنَ عَلٰى وُجُوْهِهِمْ اِلٰى جَهَنَّمَ ۙ اُولٰٓئِكَ شَرٌّ مَّكَانًا وَّاَضَلُّ
سَبِيْلًا ۳۴ ع وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ وَجَعَلْنَا مَعَهٗٓ اَخَاهُ هٰرُوْنَ
وَزِيْرًا ۳۵ ۚ فَقُلْنَا اذْهَبَآ اِلَى الْقَوْمِ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ؕ فَدَمَّرْنٰهُمْ
تَدْمِيْرًا ۳۶ ؕ وَقَوْمَ نُوْحٍ لَّمَّا كَذَّبُوا الرُّسُلَ اَغْرَقْنٰهُمْ وَجَعَلْنٰهُمْ لِلنَّاسِ
اٰيَةً ؕ وَاَعْتَدْنَا لِلظّٰلِمِيْنَ عَذَابًا اَلِيْمًا ۳۷ ۚۖ وَّعَادًا وَّثَمُوْدَا۠ وَ
اَصْحٰبَ الرَّسِّ وَقُرُوْنًا بَيْنَ ذٰلِكَ كَثِيْرًا ۳۸ وَكُلًّا ضَرَبْنَا لَهُ
الْاَمْثَالَ ۫ وَكُلًّا تَبَّرْنَا تَتْبِيْرًا ۳۹ وَلَقَدْ اَتَوْا عَلَى الْقَرْيَةِ الَّتِيْٓ
اُمْطِرَتْ مَطَرَ السَّوْءِ ؕ اَفَلَمْ يَكُوْنُوْا يَرَوْنَهَا ۚ بَلْ كَانُوْا لَا
يَرْجُوْنَ نُشُوْرًا ۴۰ وَاِذَا رَاَوْكَ اِنْ يَّتَّخِذُوْنَكَ اِلَّا هُزُوًا ؕ اَهٰذَا
الَّذِيْ بَعَثَ اللّٰهُ رَسُوْلًا ۴۱ اِنْ كَادَ لَيُضِلُّنَا عَنْ اٰلِهَتِنَا لَوْ
لَآ اَنْ صَبَرْنَا عَلَيْهَا ؕ وَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ حِيْنَ يَرَوْنَ الْعَذَابَ
مَنْ اَضَلُّ سَبِيْلًا ۴۲ اَرَءَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ ؕ اَفَاَنْتَ
تَكُوْنُ عَلَيْهِ وَكِيْلًا ۴۳ ۙ اَمْ تَحْسَبُ اَنَّ اَكْثَرَهُمْ يَسْمَعُوْنَ
اَوْ يَعْقِلُوْنَ ؕ اِنْ هُمْ اِلَّا كَالْاَنْعَامِ بَلْ هُمْ اَضَلُّ سَبِيْلًا ۴۴ ع

۽ (ڪافر) تو وٽ اهڙي ڪا حجت نہ ٿا آڻين جنهن جو اسين سچو (جواب) ۽ وڌيڪ سهڻو تفصيل تو وٽ نہ ٿا آڻيون (٣٣). جيڪي پنهنجن منهن ڀر دوزخ ڏانهن گڏ ڪيا ويندا اُهي جاءِ جي اعتبار کان تمام بڇڙا ۽ واٽ کي بلڪل وڃائيندڙ آهن! (٣۴). ۽ بيشڪ موسىٰ کي ڪتاب ڏنوسون ۽ ساڻس سندس ڀاءُ هارون وزير ڪيوسون (٣٥). پوءِ چيو سون تہ (ٻئي) اُنهيءَ قوم ڏانهن وڃو جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڀانيو، پوءِ (آخر) کين پاڙئون پٽيوسون (٣٦). ۽ نوح جي قوم! جڏهن پيغمبرن کي ڪوڙو ڄاتو (تڏهن) کين ٻوڙيوسون ۽ کين ماڻهن لاءِ (عبرت وٺڻ جي) نشاني بڻايو سون. ۽ ظالمن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيوسون (٣٧). ۽ عادين ۽ ثمودين ۽ رس وارن ۽ اُنهن جي وچ ۾ گهڻن جُڳن کي (ناس ڪيوسون) (٣٨). ۽ هرهڪ کي بيان ڪري ٻڌايوسون ۽ سڀني کي ناس ڪيوسون (جيئن) ناس ڪرڻ (گهرجي) (٣٩). ۽ بيشڪ (ڪافر) اُن ڳوٺ وٽان ٿي آيا آهن، جنهن تي (پٿرن جو) بڇڙو مينهن وسايو ويو هو، ان کي نہ ٿي ڏٺائون ڇا؟ بلڪ اُهي وري جيئري ٿيڻ جي اُميد نہ رکندا هئا (۴٠). ۽ جڏهن توکي ڏسن ٿا، (تڏهن) توکي رڳو ٺٺولي ڪري وٺن ٿا (چون ٿا تہ) هيءُ اُهو (شخص) آهي ڇا جنهن کي الله پيغمبر ڪري موڪليو آهي؟ (۴١). بيشڪ اسان کي پنهنجن بتن (جي پوڄا) کان تڏهن ئي ڀُلائي ڇڏي ها، جيڪڏهن اسين مٿن پڪا نہ رهون ها ۽ جڏهن عذاب ڏسندا (تڏهن) ڄاڻندا تہ واٽ کي بلڪل وڃائيندڙ ڪير آهي؟ (۴٢). (اي پيغمبر! تو) اُن کي ڏٺو جنهن پنهنجيءَ سَڌ کي پنهنجو معبود ڪري ورتو؟ پوءِ تون مٿس ڪو نگهبان ٿيندين ڇا؟ (۴٣). ڀانيو اٿئي ڇا تہ منجهائن گهڻا ٻڌن ٿا يا سمجهن ٿا؟ اُهي رڳو ڍورن وانگر آهن، بلڪ اُهي واٽ کي (جانورن کان بہ) وڌيڪ وڃائيندڙ آهن (۴۴).

أَلَمْ تَرَ إِلَىٰ رَبِّكَ كَيْفَ مَدَّ الظِّلَّ ۚ وَلَوْ شَاءَ لَجَعَلَهُ سَاكِنًا ۚ ثُمَّ
جَعَلْنَا الشَّمْسَ عَلَيْهِ دَلِيلًا ﴿٤٥﴾ ثُمَّ قَبَضْنَاهُ إِلَيْنَا قَبْضًا يَسِيرًا ﴿٤٦﴾
وَهُوَ الَّذِي جَعَلَ لَكُمُ اللَّيْلَ لِبَاسًا وَالنَّوْمَ سُبَاتًا وَجَعَلَ
النَّهَارَ نُشُورًا ﴿٤٧﴾ وَهُوَ الَّذِي أَرْسَلَ الرِّيَاحَ بُشْرًا بَيْنَ يَدَيْ
رَحْمَتِهِ ۚ وَأَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَاءِ مَاءً طَهُورًا ﴿٤٨﴾ لِنُحْيِيَ بِهِ بَلْدَةً
مَيْتًا وَنُسْقِيَهُ مِمَّا خَلَقْنَا أَنْعَامًا وَأَنَاسِيَّ كَثِيرًا ﴿٤٩﴾ وَلَقَدْ
صَرَّفْنَاهُ بَيْنَهُمْ لِيَذَّكَّرُوا فَأَبَىٰ أَكْثَرُ النَّاسِ إِلَّا كُفُورًا ﴿٥٠﴾ وَلَوْ
شِئْنَا لَبَعَثْنَا فِي كُلِّ قَرْيَةٍ نَذِيرًا ﴿٥١﴾ فَلَا تُطِعِ الْكَافِرِينَ وَ
جَاهِدْهُمْ بِهِ جِهَادًا كَبِيرًا ﴿٥٢﴾ وَهُوَ الَّذِي مَرَجَ الْبَحْرَيْنِ هَٰذَا
عَذْبٌ فُرَاتٌ وَهَٰذَا مِلْحٌ أُجَاجٌ وَجَعَلَ بَيْنَهُمَا بَرْزَخًا وَحِجْرًا
مَحْجُورًا ﴿٥٣﴾ وَهُوَ الَّذِي خَلَقَ مِنَ الْمَاءِ بَشَرًا فَجَعَلَهُ نَسَبًا وَ
صِهْرًا ۗ وَكَانَ رَبُّكَ قَدِيرًا ﴿٥٤﴾ وَيَعْبُدُونَ مِنْ دُونِ اللَّهِ
مَا لَا يَنْفَعُهُمْ وَلَا يَضُرُّهُمْ ۗ وَكَانَ الْكَافِرُ عَلَىٰ رَبِّهِ
ظَهِيرًا ﴿٥٥﴾ وَمَا أَرْسَلْنَاكَ إِلَّا مُبَشِّرًا وَنَذِيرًا ﴿٥٦﴾ قُلْ مَا أَسْأَلُكُمْ
عَلَيْهِ مِنْ أَجْرٍ إِلَّا مَنْ شَاءَ أَنْ يَتَّخِذَ إِلَىٰ رَبِّهِ سَبِيلًا ﴿٥٧﴾

(اي پيغمبر!) پنهنجي پالڻهار ڏانهن نہ ڏٺو اٿئي ڇا تہ ڇانو کي ڪيئن
ڊگهو ڪيائين؟ ۽ جيڪڏهن گهري ها تہ ان کي (هڪ هنڌ) بيهاري ڇڏي
ها! وري سج کي مٿس (پنهنجيءَ قدرت جو) دليل ڪيوسون (۴۵). وري
اُن (ڇانو) کي پاڻ ڏانهن هوريان هوريان سوڙهو ڪيوسون (جيئن) سوڙهو
ڪرڻ (گهرجي) (۴٦). ۽ (الله) اُهو آهي، جنهن اوهان لاءِ رات کي پردو ۽
ننڊ کي آرام ڪيو ۽ ڏينهن کي ترڻ پکڙڻ جو وقت ڪيائين (۴۷). ۽
(الله) اُهو آهي جنهن پنهنجيءَ ٻاجھ (يعني مينهن) کان اڳي هوائن کي
خوشخبري ڏيندڙ ڪري موڪليو ۽ آسمان مان پاڪ پاڻي (هن لاءِ)
وسايوسون (۴۸). تہ اُن سان ويران شهر کي آباد ڪريون ۽ تہ پنهنجن پيدا
ڪيل ڍورن ۽ گهڻن ماڻهن کي اُهو پياريون (۴۹). ۽ بيشڪ اُن (مينهن)
کي سندن وچ ۾ هن ڪري ڦيرائيندا آهيون تہ نصيحت وٺن، پوءِ گهڻا
ماڻهو بيشُڪريءَ کان سواءِ نہ ٽَـا رهن (۵۰). ۽ جيڪڏهن گهرون ها تہ
هرهڪ ڳوٺ ۾ هڪ ڊيڄاريندڙ موڪليون ها (۵۱). پوءِ تون ڪافرن جو
چيو نہ مڃ ۽ اُن (قرآن جي حڪم) سان (مقابلي طرح) ساڻن وڏو جهاد
ڪر (۵۲). ۽ (الله) اُهو آهي، جنهن ٻـن دريائن کي پاڻ ۾ ملايو جو هيءُ
(هڪڙو) مٺو اُڃ لاهيندڙ ۽ هيءُ (ٻيو) لوڻياٺو ڪارو آهي، ۽ سندن وچ ۾
اوٽ ۽ مضبوط پردو بڻايائين (۵۳). ۽ (الله) اُهو آهي، جنهن پاڻيءَ مان ماڻهو
کي بڻايو، پوءِ کيس پيڙهيءَ ۽ سيٽپيءَ (ساهراڻ) جي مائٽيءَ وارو ڪيائين
۽ تنهنجو پالڻهار وس وارو آهي (۵۴). ۽ الله کان سواءِ اهڙن جي پوڄا
ڪندا آهن، جي کين نہ ڪي سک ڏين ۽ نہ ڪو کين ڏک پهچائين ۽
ڪافر پنهنجي پالڻهار کي پٺي ڏيڻ وارو آهي (۵۵). ۽ (اي پيغمبر!) اسان
توکي رڳو خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو آهي (۵٦). (کين)
چؤ تہ، آءٌ اوهان کان اُن (قرآن جي پهچائڻ) تي ڪو اُجورو نہ ٿو گهران، پر
جيڪو پنهنجي پالڻهار ڏانهن واٽ وٺڻ گهري (سو ڀلي تہ وٺي) (۵۷).

وَتَوَكَّلْ عَلَى الْحَيِّ الَّذِيْ لَا يَمُوْتُ وَسَبِّحْ بِحَمْدِهٖ ؕ وَكَفٰى بِهٖ
بِذُنُوْبِ عِبَادِهٖ خَبِيْرَا ۚۛ ۝٥٨ اِۨلَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا
بَيْنَهُمَا فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ ۚۛ اَلرَّحْمٰنُ فَسْـَٔلْ
بِهٖ خَبِيْرًا ۝٥٩ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ اسْجُدُوْا لِلرَّحْمٰنِ ۚ قَالُوْا وَمَا
الرَّحْمٰنُ ۗ اَنَسْجُدُ لِمَا تَاْمُرُنَا وَزَادَهُمْ نُفُوْرًا ۝٦٠ تَبٰرَكَ الَّذِيْ
جَعَلَ فِي السَّمَآءِ بُرُوْجًا وَّجَعَلَ فِيْهَا سِرٰجًا وَّقَمَرًا مُّنِيْرًا ۝٦١
وَهُوَ الَّذِيْ جَعَلَ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ خِلْفَةً لِّمَنْ اَرَادَ اَنْ يَّذَّكَّرَ
اَوْ اَرَادَ شُكُوْرًا ۝٦٢ وَعِبَادُ الرَّحْمٰنِ الَّذِيْنَ يَمْشُوْنَ عَلَى الْاَرْضِ
هَوْنًا وَّاِذَا خَاطَبَهُمُ الْجٰهِلُوْنَ قَالُوْا سَلٰمًا ۝٦٣ وَالَّذِيْنَ يَبِيْتُوْنَ
لِرَبِّهِمْ سُجَّدًا وَّقِيَامًا ۝٦٤ وَالَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا اصْرِفْ عَنَّا
عَذَابَ جَهَنَّمَ ۖ اِنَّ عَذَابَهَا كَانَ غَرَامًا ۝٦٥ اِنَّهَا سَآءَتْ
مُسْتَقَرًّا وَّمُقَامًا ۝٦٦ وَالَّذِيْنَ اِذَآ اَنْفَقُوْا لَمْ يُسْرِفُوْا وَلَمْ
يَقْتُرُوْا وَكَانَ بَيْنَ ذٰلِكَ قَوَامًا ۝٦٧ وَالَّذِيْنَ لَا يَدْعُوْنَ
مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ وَلَا يَقْتُلُوْنَ النَّفْسَ الَّتِيْ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا
بِالْحَقِّ وَلَا يَزْنُوْنَ ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ يَلْقَ اَثَامًا ۝٦٨

۽ (اي پيغمبر! تون اُنهيءَ الله) جيئري تي ڀروسو ڪر، جيڪو (ڪڏهن) نہ مرندو ۽ سندس ساراهہ سان گڏ پاڪائي بيان ڪر ۽ اُهو پنهنجن ٻانهن جي گناهَن جي خبر رکندڙ ڪافي آهي (٥٨). جنهن آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي سندن وچ ۾ آهي (سو) ڇهن ڏينهن ۾ بڻايو، وري عرش تي قائم ٿيو، (اُهو) ٻاجهارو آهي، پوءِ سندس (صفتون) ڪنهن خبر رکندڙ کان پڇ (٥٩). ۽ جڏهن کين چئبو آهي تہ رحمان کي سجدو ڪريو (تڏهن) چوندا آهن تہ رحمان ڇا آهي؟ جنهن لاءِ اسان کي حڪم ٿو ڪرين، تنهن کي ڇو سجدو ڪريون؟ ۽ (انهيءَ ڳالهہ هئڻون) سندن نفرت وڌائي (٦٠). اُهو (الله) وڏيءَ برڪت وارو آهي، جنهن آسمان ۾ برج بڻايا ۽ منجهس ڏيو (يعني سج) ۽ چمڪندڙ چنڊ بڻايو (٦١). ۽ (الله) اُهو آهي، جنهن رات ۽ ڏينهن کي هڪ ٻئي جي پٺيان ايندڙ اُنهيءَ (ماڻهوءَ) لاءِ بڻايو، جيڪو نصيحت وٺڻ گهري يا شڪرانو ڪرڻ گهري (٦٢). ۽ ٻاجهاري (الله) جا ٻانها اُهي آهن جيڪي زمين تي نِوڙت سان گهمندا آهن ۽ جڏهن بي عقل ساڻن ڳالهائيندا آهن (تڏهن) چوندا آهن تہ سلامت هجو (شال) (٦٣). ۽ اُهي جيڪي پنهنجي پالڻهار کي سجدو ڪندڙ ۽ قيام ڪندڙ ٿي راتيون گذاريندا آهن (٦٤). ۽ اُهي جيڪي چوندا آهن تہ، اي اسان جا پالڻهار! اسان کان دوزخ جو عذاب ٽار! بيشڪ دوزخ جو عذاب (وڏي) چٽي آهي (٦٥). بيشڪ اهو آرام ڪرڻ جو هنڌ ۽ رهڻ جو هنڌ بڇڙو آهي (٦٦). ۽ اُهي جو جڏهن خرچ ڪندا آهن (تڏهن) نہ ڪي اجايو خرچيندا آهن ۽ نہ ڪي تنگي ڪندا آهن ۽ اِنهن (ٻنهي) جي وچ ۾ پورا هلندا آهن (٦٧). ۽ اُهي جيڪي الله ساڻ ڪنهن ٻئي معبود کي نہ پوڄيندا آهن ۽ نڪي اهڙي ماڻهوءَ کي ماريندا آهن، جنهن جو حق کان سواءِ مارڻ الله حرام ڪيو آهي ۽ نڪي زنا ڪندا آهن ۽ جيڪو اِهي ڪم ڪندو، سو سخت عذاب لهندو (٦٨).

يُضٰعَفْ لَهُ الْعَذَابُ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَيَخْلُدْ فِيْهٖ مُهَانًا ﴿٦٩﴾ اِلَّا مَنْ
تَابَ وَاٰمَنَ وَعَمِلَ عَمَلًا صَالِحًا فَاُولٰٓئِكَ يُبَدِّلُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِهِمْ
حَسَنٰتٍ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٧٠﴾ وَمَنْ تَابَ وَعَمِلَ صَالِحًا
فَاِنَّهٗ يَتُوْبُ اِلَى اللّٰهِ مَتَابًا ﴿٧١﴾ وَالَّذِيْنَ لَا يَشْهَدُوْنَ الزُّوْرَ وَ
اِذَا مَرُّوْا بِاللَّغْوِ مَرُّوْا كِرَامًا ﴿٧٢﴾ وَالَّذِيْنَ اِذَا ذُكِّرُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ لَمْ
يَخِرُّوْا عَلَيْهَا صُمًّا وَّعُمْيَانًا ﴿٧٣﴾ وَالَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا هَبْ لَنَا
مِنْ اَزْوَاجِنَا وَذُرِّيّٰتِنَا قُرَّةَ اَعْيُنٍ وَّاجْعَلْنَا لِلْمُتَّقِيْنَ اِمَامًا ﴿٧٤﴾
اُولٰٓئِكَ يُجْزَوْنَ الْغُرْفَةَ بِمَا صَبَرُوْا وَيُلَقَّوْنَ فِيْهَا تَحِيَّةً وَّسَلٰمًا ﴿٧٥﴾
خٰلِدِيْنَ فِيْهَا حَسُنَتْ مُسْتَقَرًّا وَّمُقَامًا ﴿٧٦﴾ قُلْ مَا يَعْبَؤُا بِكُمْ
رَبِّيْ لَوْلَا دُعَآؤُكُمْ فَقَدْ كَذَّبْتُمْ فَسَوْفَ يَكُوْنُ لِزَامًا ﴿٧٧﴾

## سُوْرَةُ الشُّعَرَاءِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ
طٰسٓمّٓ ﴿١﴾ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ﴿٢﴾ لَعَلَّكَ بَاخِعٌ
نَّفْسَكَ اَلَّا يَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ ﴿٣﴾ اِنْ نَّشَاْ نُنَزِّلْ عَلَيْهِمْ
مِّنَ السَّمَآءِ اٰيَةً فَظَلَّتْ اَعْنَاقُهُمْ لَهَا خٰضِعِيْنَ ﴿٤﴾

قيامت جي ڏينهن ان کي ٻيڻو عذاب ڪبو ۽ منجهس سدائين خوار رهندو (٦٩). پر جن توبه ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا سي، اُهي آهن جن جون مدايون الله ڦيرائي نيڪيون ڪندو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (٧٠). ۽ جيڪو توبه ڪري ۽ چڱا ڪم ڪري سو بيشڪ الله ڏانهن نيث وري موٽي ٿو (٧١). ۽ اُهي جيڪي ڪوڙي شاهدي نه ڏيندا آهن ۽ جڏهن بيهودي ڪم تي لنگهندا آهن، (تڏهن چڱيءَ ريت) معززن وانگر لنگهندا آهن (٧٢). ۽ اُهي جو جڏهن ڪين سندن پالڻهار جي آيتن سان نصيحت ڏبي آهي (تڏهن) اُن (جي ٻڌڻ) سان ٻوڙا ۽ انڌا ٿي نه ڪرندا آهن (٧٣). ۽ اُهي جيڪي چوندا آهن ته اي اسان جا پالڻهار! اسان جي زالن ۽ اسان جي اولاد مان اسان کي اکين جو ٺار بخش ۽ اسان کي پرهيزگارن جو اِمام ڪر (٧٤). اهي (اُهي) آهن، جن کي سندن صبر سببان وڏيون ماڙيون عيوض ۾ ڏبيون ۽ ان ۾ چڱي دعا ۽ سلام پهچائبن (٧٥). منجهس سدائين رهڻ وارا آهن، اُهو آرام ڪرڻ جو ۽ رهڻ جو سهڻو هنڌ آهي (٧٦). (اي پيغمبر ڪين) چئو ته، جيڪڏهن (الله کي) اوهان جو سڏڻ نه هجي ته منهنجي پالڻهار کي اوهان جي ڪا پرواه نه آهي. بيشڪ اوهان (پيغمبر کي) ڪوڙو ڀانيو، تنهن ڪري سگهو (اوهان لاءِ) عذاب لازم ٿيندو (٧٧).

سورة شعراء مڪي آهي ۽ هن ۾ ٻه سؤ ستاويه آيتون ۽ يارهن رڪوع آهن.

**الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)**

طسم (١). هي پڌري ڪتاب جون آيتون آهن (٢). متان تون پاڻ کي هن سببان گهٽي مارينڊ ٿئين ته (ڪافر) مسلمان نه ٿا ٿين (٣). جيڪڏهن اسين گهرون ته آسمان کان مٿن ڪا (اهڙي) نشاني نازل ڪريون جنهن جي آڏو سندن گردن جهڪا ٿين (٤).

وَمَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ ذِكْرٍ مِّنَ الرَّحْمٰنِ مُحْدَثٍ اِلَّا كَانُوْا عَنْهُ
مُعْرِضِيْنَ ﴿٥﴾ فَقَدْ كَذَّبُوْا فَسَيَاْتِيْهِمْ اَنْۢبٰٓؤُا مَا كَانُوْا بِهٖ
يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٦﴾ اَوَلَمْ يَرَوْا اِلَى الْاَرْضِ كَمْ اَنْۢبَتْنَا فِيْهَا مِنْ كُلِّ
زَوْجٍ كَرِيْمٍ ﴿٧﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٨﴾
وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿٩﴾ وَاِذْ نَادٰى رَبُّكَ مُوْسٰٓى اَنِ
ائْتِ الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٠﴾ قَوْمَ فِرْعَوْنَ ؕ اَلَا يَتَّقُوْنَ ﴿١١﴾ قَالَ رَبِّ
اِنِّيْٓ اَخَافُ اَنْ يُّكَذِّبُوْنِ ﴿١٢﴾ وَيَضِيْقُ صَدْرِيْ وَلَا يَنْطَلِقُ لِسَانِيْ
فَاَرْسِلْ اِلٰى هٰرُوْنَ ﴿١٣﴾ وَلَهُمْ عَلَيَّ ذَنْۢبٌ فَاَخَافُ اَنْ يَّقْتُلُوْنِ ﴿١٤﴾
قَالَ كَلَّا ۚ فَاذْهَبَا بِاٰيٰتِنَآ اِنَّا مَعَكُمْ مُّسْتَمِعُوْنَ ﴿١٥﴾ فَاْتِيَا فِرْعَوْنَ
فَقُوْلَآ اِنَّا رَسُوْلُ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٦﴾ اَنْ اَرْسِلْ مَعَنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿١٧﴾
قَالَ اَلَمْ نُرَبِّكَ فِيْنَا وَلِيْدًا وَّلَبِثْتَ فِيْنَا مِنْ عُمُرِكَ سِنِيْنَ ﴿١٨﴾
وَفَعَلْتَ فَعْلَتَكَ الَّتِيْ فَعَلْتَ وَاَنْتَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٩﴾ قَالَ فَعَلْتُهَآ
اِذًا وَّاَنَا مِنَ الضَّآلِّيْنَ ﴿٢٠﴾ فَفَرَرْتُ مِنْكُمْ لَمَّا خِفْتُكُمْ فَوَهَبَ لِيْ
رَبِّيْ حُكْمًا وَّجَعَلَنِيْ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٢١﴾ وَتِلْكَ نِعْمَةٌ تَمُنُّهَا عَلَيَّ
اَنْ عَبَّدْتَّ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿٢٢﴾ قَالَ فِرْعَوْنُ وَمَا رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٣﴾

۽ ٻاجهاري (الله) کان ڪا ئي نئين نصيحت وٽن نہ ايندي آهي جو ڪانئس منهن موڙيندڙ (نہ) آهن (٥). پوءِ بيشڪ ڪوڙ ڀانئي چڪا، تنهن ڪري سگهوئي وٽن اُهي خبرون ايندين جن سان (اُهي) ٺـٺوليون ڪندا هئا (٦). زمين ڏانهن نہ ڏٺو اٿن ڇا تہ منجهس هر ڪنهن چڱيءَ جنس جا ڪيترائي سلا ڄماياسون؟ (٧). بيشڪ اِن ۾ نشاني آهي ۽ منجهانئن گهڻا مڃڻ ورا نہ آهن (٨). ۽ بيشڪ تنهجو پالڻهار ئي غالب مهربان آهي (٩). ۽ جڏهن تنهنجي پالڻهار موسىٰ کي سڏيو تہ ظالمن جي قوم ڏانهن وڃ (١٠). جا فرعون جي قوم آهي (ڪانئن پڇ تہ) پرهيزگاري نہ ڪندا ڇا؟ (١١). موسىٰ چيو تہ اي منهنجا پالڻهار! بيشڪ آءٌ ڊڄان ٿـو تہ متان مـون کـي ڪـوڙو ڀانئين (١٢). ۽ منهنجو سينو تنگ ٿئي ۽ منهنجي زبان پوري نہ اُٿندي آهي، تنهن ڪـري هــارون ڏانهن (پيغمبريءَ جـو حـڪـم) موڪل (١٣). ۽ اُنهن جو مون تي ڏوهہ آهي، تنهن ڪري ڊڄان ٿو تہ متان مون کي ماري ڇڏين (١٤). (الله) فرمايو اِئين (ٿيڻو) نہ آهي. پوءِ منهنجين نشانين سـان ٻـئي (ڇڻا) وڃو، بيشڪ اسين اوهان سان گڏ ٻڌندڙ آهيون (١٥). تنهن ڪري فرعون وٽ وڃو ۽ چئوس تہ، بيشڪ اسين جهـان جي پالڻـهار جـا (هن پيغام سان) موڪليل آهيون (١٦). تہ بني اسرائيل کي اسان ساڻ موڪل (١٧). (فرعون) چيو تہ، توکي پنهنجن (ڀاتين) ۾ ننڍڙو ڪري نہ پاليو هيوسون ڇا؟ ۽ پنهنجيءَ عمر جا ڪيترائي ورهيہ اسان ۾ گذاريئي (١٨). ۽ تو پنهنجو اُهو ڪم ڪيو جو تون ڪري چڪين ۽ تون بيشڪرن مان آهين (١٩). (موسي) چيو تہ، جنهن مهل اُهو ڪم ڪيو هوم (تنهن مهل) آءٌ بي سمجهن مان هوس (٢٠). پوءِ جنهن مهل اوهان جي (ايذاءَ) کان ڊنس (تنهن مهل) اوهان کان ڀڳس، پوءِ منهنجي پالڻهار مون کي سياڻپ بخشي ۽ مون کي پيغمبرن مان ڪيائين (٢١). ۽ اِهو اُهو احسان آهي ڇا جنهنجو مون تي ٿورو رکين ٿو؟ تہ بني اسرائيل کي ٻانهو ڪري ورتو اٿئي (٢٢). فرعون چيو تہ، جهانن جو رب ڇا (کي چئبو) آهي؟ (٢٣).

قَالَ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَیْنَهُمَا ؕ اِنْ كُنْتُمْ مُّوْقِنِیْنَ ﴿۲۴﴾
قَالَ لِمَنْ حَوْلَهٗۤ اَلَا تَسْتَمِعُوْنَ ﴿۲۵﴾ قَالَ رَبُّكُمْ وَرَبُّ اٰبَآىٕكُمُ
الْاَوَّلِیْنَ ﴿۲۶﴾ قَالَ اِنَّ رَسُوْلَكُمُ الَّذِیْۤ اُرْسِلَ اِلَیْكُمْ لَمَجْنُوْنٌ ﴿۲۷﴾
قَالَ رَبُّ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ وَمَا بَیْنَهُمَا ؕ اِنْ كُنْتُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿۲۸﴾
قَالَ لَىٕنِ اتَّخَذْتَ اِلٰهًا غَیْرِیْ لَاَجْعَلَنَّكَ مِنَ الْمَسْجُوْنِیْنَ ﴿۲۹﴾
قَالَ اَوَلَوْ جِئْتُكَ بِشَیْءٍ مُّبِیْنٍ ﴿۳۰﴾ قَالَ فَاْتِ بِهٖۤ اِنْ كُنْتَ مِنَ
الصّٰدِقِیْنَ ﴿۳۱﴾ فَاَلْقٰى عَصَاهُ فَاِذَا هِیَ ثُعْبَانٌ مُّبِیْنٌ ﴿۳۲﴾ وَّ نَزَعَ یَدَهٗ
فَاِذَا هِیَ بَیْضَآءُ لِلنّٰظِرِیْنَ ﴿۳۳﴾ قَالَ لِلْمَلَاِ حَوْلَهٗۤ اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ
عَلِیْمٌ ﴿۳۴﴾ یُّرِیْدُ اَنْ یُّخْرِجَكُمْ مِّنْ اَرْضِكُمْ بِسِحْرِهٖ ۖۗ فَمَاذَا تَاْمُرُوْنَ ﴿۳۵﴾
قَالُوْۤا اَرْجِهْ وَاَخَاهُ وَابْعَثْ فِی الْمَدَآىٕنِ حٰشِرِیْنَ ﴿۳۶﴾ یَاْتُوْكَ بِكُلِّ
سَحَّارٍ عَلِیْمٍ ﴿۳۷﴾ فَجُمِعَ السَّحَرَةُ لِمِیْقَاتِ یَوْمٍ مَّعْلُوْمٍ ﴿۳۸﴾ وَّ قِیْلَ
لِلنَّاسِ هَلْ اَنْتُمْ مُّجْتَمِعُوْنَ ﴿۳۹﴾ لَعَلَّنَا نَتَّبِعُ السَّحَرَةَ اِنْ
كَانُوْا هُمُ الْغٰلِبِیْنَ ﴿۴۰﴾ فَلَمَّا جَآءَ السَّحَرَةُ قَالُوْا لِفِرْعَوْنَ اَىٕنَّ
لَنَا لَاَجْرًا اِنْ كُنَّا نَحْنُ الْغٰلِبِیْنَ ﴿۴۱﴾ قَالَ نَعَمْ وَاِنَّكُمْ اِذًا لَّمِنَ
الْمُقَرَّبِیْنَ ﴿۴۲﴾ قَالَ لَهُمْ مُّوْسٰۤى اَلْقُوْا مَاۤ اَنْتُمْ مُّلْقُوْنَ ﴿۴۳﴾

(موسيٰ) چيو تہ، آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪي سندن وچ ۾ آهي، تنهن جو پالڻهار آهي، جيڪڏهن اوهين ويساه رکندڙ آهيو (٢٤). (فرعون) پنهنجي آسپاس وارن کي چيو تہ، (اوهين) نہ ٿا ٻڌو ڇا؟ (٢٥). (موسيٰ) چيو تہ، (اُهو) اوهان جو پالڻهار ۽ اوهان جي اڳين اَبن ڏاڏن جو پالڻهار آهي (٢٦). (فرعون) چيو تہ، اوهان جو پيغمبر جيڪو اوهان ڏانهن موڪليو ويو آهي سو بيشڪ چريو آهي (٢٧). (موسيٰ) چيو تہ، اوڀر ۽ اولهہ ۽ جيڪي اُنهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي، تنهن جو (بہ) پالڻهار آهي، جيڪڏهن اوهين سمجهہ رکندا آهيو (تہ اها سمجهاڻي بس آهي) (٢٨). (فرعون) چيو تہ جيڪڏهن مون کان سواءِ ڪو ٻيو خدا ورتئي تہ ضرور توکي قيدين مان ڪندس (٢٩). (موسيٰ) چيو تہ، جيتوڻيڪ تو وٽ پڌري شيءِ آڻيان تہ بہ (قيد ڪندين) ڇا؟ (٣٠). (فرعون) چيو تہ، جيڪڏهن تون سچن مان آهين تہ اُها آڻ (٣١). پوءِ پنهنجي لٺ اُڇليائين تہ اُها اُمالڪ پڌرو واسينگ (نانگ) ٿي پيئي (٣٢). ۽ پنهنجو هٿ ڪڍيائين تہ اوچتو اُهو ڏسندڙن لاءِ چمڪندڙ ٿي پيو (٣٣). (فرعون) پنهنجن آسپاس وارن سردارن کي چيو تہ، بيشڪ هيءُ (شخص) وڏو ڄاڻون جادوگر آهي (٣٤). (هو) اوهانکي اوهان جي ملڪ مان پنهنجي جادوءَ سان لوڌڻ گهري ٿو، پوءِ مون کي (هاڻي) ڇا ٿا حڪم ڪريو؟ (٣٥). چيائون تہ، کيس ۽ سندس ڀاءُ کي ترساءِ ۽ شهرن ۾ ڪوٺيندڙن کي موڪل (٣٦). تہ هر وڏي ڄاڻون جادوگر کي تو وٽ آڻين (٣٧). پوءِ هڪ ڏينهن جي ٺهرايل انجام تي جادوگر گڏ ڪيا ويا (٣٨). ۽ ماڻهن کي چيو ويو تہ، اوهين (بہ) گڏ ٿيڻ وارا آهيو ڇا؟ (٣٩). جيڪڏهن اُهي (جادوگر) غالب ٿيا تہ مَنَ اسين اُنهن جا تابعدار ٿيون (٤٠). پوءِ جنهن مهل جادوگر آيا (تنهن مهل) فرعون کي چيائون تہ جيڪڏهن اسين ڏاڍا ٿيون تہ اسان لاءِ ڪو انعام آهي (يا نہ)؟ (٤١). (فرعون) چيو تہ، هائو ۽ بيشڪ اوهين اُنهيءَ مهل (منهنجن) ويجهن مان ٿيندؤ (٤٢). کين (موسيٰ) چيو تہ، جيڪي (ڍارا) اوهين اُڇلڻ وارا آهيو، سي اُڇليو (٤٣).

فَاَلْقَوْا حِبَالَهُمْ وَعِصِيَّهُمْ وَقَالُوْا بِعِزَّةِ فِرْعَوْنَ اِنَّا لَنَحْنُ
الْغٰلِبُوْنَ ﴿٤٤﴾ فَاَلْقٰى مُوْسٰى عَصَاهُ فَاِذَا هِىَ تَلْقَفُ مَا يَاْفِكُوْنَ ﴿٤٥﴾
فَاُلْقِىَ السَّحَرَةُ سٰجِدِيْنَ ﴿٤٦﴾ قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٧﴾ رَبِّ مُوْسٰى
وَهٰرُوْنَ ﴿٤٨﴾ قَالَ اٰمَنْتُمْ لَهٗ قَبْلَ اَنْ اٰذَنَ لَكُمْ ۚ اِنَّهٗ لَكَبِيْرُكُمُ الَّذِىْ
عَلَّمَكُمُ السِّحْرَ ۚ فَلَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ؕ لَاُقَطِّعَنَّ اَيْدِيَكُمْ وَاَرْجُلَكُمْ
مِّنْ خِلَافٍ وَّلَاُصَلِّبَنَّكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٤٩﴾ قَالُوْا لَا ضَيْرَ ۫ اِنَّآ اِلٰى
رَبِّنَا مُنْقَلِبُوْنَ ﴿٥٠﴾ اِنَّا نَطْمَعُ اَنْ يَّغْفِرَ لَنَا رَبُّنَا خَطٰيٰنَآ اَنْ كُنَّآ اَوَّلَ
الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٥١﴾ وَاَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى اَنْ اَسْرِ بِعِبَادِىْٓ اِنَّكُمْ مُّتَّبَعُوْنَ ﴿٥٢﴾
فَاَرْسَلَ فِرْعَوْنُ فِى الْمَدَآئِنِ حٰشِرِيْنَ ﴿٥٣﴾ اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ لَشِرْذِمَةٌ
قَلِيْلُوْنَ ﴿٥٤﴾ وَاِنَّهُمْ لَنَا لَغَآئِظُوْنَ ﴿٥٥﴾ وَاِنَّا لَجَمِيْعٌ حٰذِرُوْنَ ﴿٥٦﴾
فَاَخْرَجْنٰهُمْ مِّنْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ﴿٥٧﴾ وَّكُنُوْزٍ وَّمَقَامٍ كَرِيْمٍ ﴿٥٨﴾ كَذٰلِكَ ؕ
وَاَوْرَثْنٰهَا بَنِىْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿٥٩﴾ فَاَتْبَعُوْهُمْ مُّشْرِقِيْنَ ﴿٦٠﴾ فَلَمَّا تَرَآءَ
الْجَمْعٰنِ قَالَ اَصْحٰبُ مُوْسٰٓى اِنَّا لَمُدْرَكُوْنَ ﴿٦١﴾ قَالَ كَلَّا ۚ اِنَّ مَعِىَ
رَبِّىْ سَيَهْدِيْنِ ﴿٦٢﴾ فَاَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى اَنِ اضْرِبْ بِّعَصَاكَ الْبَحْرَ ؕ
فَانْفَلَقَ فَكَانَ كُلُّ فِرْقٍ كَالطَّوْدِ الْعَظِيْمِ ﴿٦٣﴾ وَاَزْلَفْنَا ثَمَّ الْاٰخَرِيْنَ ﴿٦٤﴾

پوءِ هنن پنهنجا رسا ۽ پنهنجيون لٺيون اُڇليون ۽ چيائون ته فرعون جي عزت جو قسم آهي ته بيشڪ اسين ئي غالب ٿينداسون (۴۴). پوءِ موسىٰ پنهنجي لٺ اُڇلي ته اُها اُتي جو اُتي جيڪو ناٽڪ بڻائيندا ويا سو ڳهندي ويئي (۴۵). پوءِ جادوگر سجدو ڪندڙ ٿي ڪريا (۴٦). چيائون ته، جهانن جي پالڻهار تي ايمان آندوسون (۴۷). (جو) موسىٰ ۽ هارون جو رب آهي (۴٨). (فرعون) چيو ته، اُن ڪان اڳ، جو اوهان کي موڪل ڏيان، اوهان موسىٰ تي ڇو ايمان آندو؟ بيشڪ اُهو اوهان جو وڏو (استاد) آهي، جنهن اوهان کي جادو سيکاريو، پوءِ سگهو ڄاڻندؤ- اوهان جا هٿ پاسي جا هٿ ۽ ٻئي پاسي جا پير ضرور وڍيندس ۽ اوهان مڙني کي (گڏ) ضرور سوريءَ چاڙهيندس (۴۹). چيائون ته، ڪو حرج نه اهي، بيشڪ اسين پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽڻ وارا آهيون (۵۰). بيشڪ اسين اميد ٿا رکون ته اسان جو پالڻهار اسان جا ڏوه اسان کي بخشيندو، انهيءَ ڪري جو پهرين (اسين) مسلمان ٿيا آهيون (۵۱). ۽ موسىٰ ڏانهن وحي ڪيوسون ته منهنجن ٻانهن کي راتو واه وٺي نڪر، ڇو ته (فرعون ۽ سندس لشڪر) اوهان جي پٺيان پوندا (۵۲) پوءِ فرعون شهرن ۾ ڪوٺيندڙ موڪليا (۵۳). (چيائين) ته بيشڪ هي ٿورڙن (ماڻهن) جو مچو آهي (۵۴). ۽ بيشڪ اُنهن اسان کي ڪاوڙايو آهي (۵۵). ۽ اسين هشيارن واري جماعت آهيون (۵٦). (الله فرمائي ٿو ته) پوءِ اُنهن (فرعونين) کي باغن ۽ چشمن مان ٻاهر ڪڍيوسون (۵۷). ۽ خزانن ۽ عزت واري جاءِ مان (به) (۵٨). اهڙيءَ طرح (ڪيوسون). ۽ اُنهن (شين) جو بني اسرائيلن کي وارث ڪيوسون (۵۹). پوءِ سج اُڀرندي ئي اُنهن (بني اسرائيلن) جي پوٺتان پيا (٦٠). پوءِ جنهن مهل ٻنهي ٽولين هڪ ٻئي کي ڏٺو (تنهن مهل) موسىٰ جي سنگتين چيو ته، بيشڪ اسان کي پهچي ويا (٦١). (موسىٰ) چيو ته، ائين نه آهي، بيشڪ منهنجو پالڻهار مون ساڻ آهي، سگهو مون کي رستي لائيندو (٦٢). پوءِ موسىٰ ڏانهن وحي ڪيوسين ته پنهنجي لٺ سمنڊ کي هڻ- پوءِ اُهو چيرجي پيو، پوءِ هر ڀاڱو وڏي پهاڙ جهڙو ٿي پيو (٦٣). ۽ اُنهن ٻين (يعني فرعونين) کي اُن هنڌ ويجهو ڪيوسون (٦۴).

وَاَنۡجَيۡنَا مُوۡسٰى وَمَنۡ مَّعَهٗۤ اَجۡمَعِيۡنَ ﴿۶۵﴾ ثُمَّ اَغۡرَقۡنَا الۡاٰخَرِيۡنَ ﴿۶۶﴾
اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَمَا كَانَ اَكۡثَرُهُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ ﴿۶۷﴾ وَاِنَّ رَبَّكَ
لَهُوَ الۡعَزِيۡزُ الرَّحِيۡمُ ﴿۶۸﴾ وَاتۡلُ عَلَيۡهِمۡ نَبَاَ اِبۡرٰهِيۡمَ ﴿۶۹﴾ اِذۡ قَالَ لِاَبِيۡهِ
وَقَوۡمِهٖ مَا تَعۡبُدُوۡنَ ﴿۷۰﴾ قَالُوۡا نَعۡبُدُ اَصۡنَامًا فَنَظَلُّ لَهَا عٰكِفِيۡنَ ﴿۷۱﴾
قَالَ هَلۡ يَسۡمَعُوۡنَكُمۡ اِذۡ تَدۡعُوۡنَ ﴿۷۲﴾ اَوۡ يَنۡفَعُوۡنَكُمۡ اَوۡ يَضُرُّوۡنَ ﴿۷۳﴾
قَالُوۡا بَلۡ وَجَدۡنَاۤ اٰبَآءَنَا كَذٰلِكَ يَفۡعَلُوۡنَ ﴿۷۴﴾ قَالَ اَفَرَءَيۡتُمۡ مَّا
كُنۡتُمۡ تَعۡبُدُوۡنَ ﴿۷۵﴾ اَنۡتُمۡ وَاٰبَآؤُكُمُ الۡاَقۡدَمُوۡنَ ﴿۷۶﴾ فَاِنَّهُمۡ عَدُوٌّ
لِّىۡۤ اِلَّا رَبَّ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۷۷﴾ الَّذِىۡ خَلَقَنِىۡ فَهُوَ يَهۡدِيۡنِ ﴿۷۸﴾ وَ
الَّذِىۡ هُوَ يُطۡعِمُنِىۡ وَيَسۡقِيۡنِ ﴿۷۹﴾ وَاِذَا مَرِضۡتُ فَهُوَ يَشۡفِيۡنِ ﴿۸۰﴾
وَالَّذِىۡ يُمِيۡتُنِىۡ ثُمَّ يُحۡيِيۡنِ ﴿۸۱﴾ وَالَّذِىۡۤ اَطۡمَعُ اَنۡ يَّغۡفِرَ لِىۡ
خَطِيۡٓـئَتِىۡ يَوۡمَ الدِّيۡنِ ﴿۸۲﴾ رَبِّ هَبۡ لِىۡ حُكۡمًا وَّاَلۡحِقۡنِىۡ بِالصّٰلِحِيۡنَ ﴿۸۳﴾
وَاجۡعَلْ لِّىۡ لِسَانَ صِدۡقٍ فِى الۡاٰخِرِيۡنَ ﴿۸۴﴾ وَاجۡعَلۡنِىۡ مِنۡ
وَّرَثَةِ جَنَّةِ النَّعِيۡمِ ﴿۸۵﴾ وَاغۡفِرۡ لِاَبِىۡۤ اِنَّهٗ كَانَ مِنَ الضَّآلِّيۡنَ ﴿۸۶﴾
وَلَا تُخۡزِنِىۡ يَوۡمَ يُبۡعَثُوۡنَ ﴿۸۷﴾ يَوۡمَ لَا يَنۡفَعُ مَالٌ وَّلَا بَنُوۡنَ ﴿۸۸﴾ اِلَّا
مَنۡ اَتَى اللّٰهَ بِقَلۡبٍ سَلِيۡمٍ ﴿۸۹﴾ وَاُزۡلِفَتِ الۡجَـنَّةُ لِلۡمُتَّقِيۡنَ ﴿۹۰﴾

۽ موسيٰ ۽ سندس سنگتين مڙني کي بچايوسون (٦٥). وري (هنن) ٻين (يعني فرعونين) کي ٻوڙيوسون (٦٦). بيشڪ انهيءَ (قصي) ۾ نشاني آهي ۽ انهن مان گھڻا مجڻ وارا نہ هئا (٦٧). ۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي غالب مهربان آهي (٦٨). ۽ اُنهن کي ابراهيم جو قصو پڙهي ٻڌاءِ (٦٩). جڏهن پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجيءَ قوم کي چيائين تہ ڇا کي پوڄيندا آهيو؟ (٧٠). چيائون تہ (اسين) بتن کي پوڄيندا آهيون، پوءِ سدائين اُنهن جا مجاور ٿي وهندا آهيون (٧١). (ابراهيم) چيو تہ جڏهن (هنن کي) سڏيو ٿا (تڏهن) اوهان جو (سڏ) ٻڌن ٿا ڇا؟ (٧٢). يا اوهان کي سک پهچائيندا آهن يا ڏک ڏيندا آهن؟ (٧٣). چيائون (نہ!) بلڪ پنهنجن پيءُ ڏاڏن کي ائين ڪندو ڏٺوسون (٧٤). ابراهيم چيو تہ (انهن کي) ڏٺو اٿوَ جن کي پوڄيندا رهيؤ؟ (٧٥). اوهين ۽ اوهان جا اڳيان ابا ڏاڏا (٧٦). بيشڪ اُهي جهانن جي پالڻهار کان سواءِ منهنجا ويري آهن (٧٧). جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي، وري اُهو ئي مون کي سڌو رستو ڏيکاريندو (٧٨). ۽ اُهو آهي جو مون کي کارائيندو آهي ۽ پياريندو آهي (٧٩). ۽ جڏهن بيمار ٿيندو آهيان، تڏهن اُهو ئي مونکي شفا ڏيندو آهي (٨٠). ۽ اهو آهي جو مون کي ماريندو وري اهو ئي مون کي جياريندو (٨١). ۽ اُهو آهي جو آسرو اٿم تہ قيامت جي ڏينهن منهنجون خطائون مون کي بخشيندو (٨٢). اي منهنجا پالڻهار! مون کي دانائي بخش ۽ مون کي صالحن سان شامل ڪر (٨٣). ۽ پوين ۾ منهنجي چڱي يادگيري (قائم) ڪر (٨٤). ۽ مون کي نعمت واري بهشت جي وارثن مان ڪر (٨٥). ۽ منهنجي پيءُ کي بخش جو اُهو گمراهن مان آهي (٨٦). ۽ جنهن ڏينهن (ماڻهو جيئرا ٿي) اُٿندا (تنهن ڏينهن) مون کي خوار نہ ڪج (٨٧). جنهن ڏينهن نڪي مال ۽ نڪي پٽ نفعو ڏيندا (٨٨). پر اُهو (فائدي وارو هوندو) جو الله وٽ سالم دل آڻيندو (٨٩). ۽ پرهيزگارن لاءِ بهشت ويجهو ڪيو ويندو (٩٠).

وَبُرِّزَتِ الْجَحِيْمُ لِلْغٰوِيْنَ ﴿۹۱﴾ وَقِيْلَ لَهُمْ اَيْنَمَا كُنْتُمْ تَعْبُدُوْنَ ﴿۹۲﴾
مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ هَلْ يَنْصُرُوْنَكُمْ اَوْ يَنْتَصِرُوْنَ ﴿۹۳﴾ فَكُبْكِبُوْا فِيْهَا
هُمْ وَالْغَاوٗنَ ﴿۹۴﴾ وَجُنُوْدُ اِبْلِيْسَ اَجْمَعُوْنَ ﴿۹۵﴾ قَالُوْا وَهُمْ فِيْهَا
يَخْتَصِمُوْنَ ﴿۹۶﴾ تَاللّٰهِ اِنْ كُنَّا لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿۹۷﴾ اِذْ نُسَوِّيْكُمْ بِرَبِّ
الْعٰلَمِيْنَ ﴿۹۸﴾ وَمَاۤ اَضَلَّنَاۤ اِلَّا الْمُجْرِمُوْنَ ﴿۹۹﴾ فَمَا لَنَا مِنْ شٰفِعِيْنَ ﴿۱۰۰﴾
وَلَا صَدِيْقٍ حَمِيْمٍ ﴿۱۰۱﴾ فَلَوْ اَنَّ لَنَا كَرَّةً فَنَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۰۲﴾
اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱۰۳﴾ وَاِنَّ رَبَّكَ
لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿۱۰۴﴾ كَذَّبَتْ قَوْمُ نُوْحِ ۨالْمُرْسَلِيْنَ ﴿۱۰۵﴾ اِذْ قَالَ لَهُمْ
اَخُوْهُمْ نُوْحٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿۱۰۶﴾ اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ﴿۱۰۷﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ
اَطِيْعُوْنِ ﴿۱۰۸﴾ وَمَاۤ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ
الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۰۹﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿۱۱۰﴾ قَالُوْۤا اَنُؤْمِنُ لَكَ وَاتَّبَعَكَ
الْاَرْذَلُوْنَ ﴿۱۱۱﴾ قَالَ وَمَا عِلْمِيْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۱۲﴾ اِنْ حِسَابُهُمْ
اِلَّا عَلٰى رَبِّيْ لَوْ تَشْعُرُوْنَ ﴿۱۱۳﴾ وَمَاۤ اَنَا بِطَارِدِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۱۴﴾ اِنْ اَنَا
اِلَّا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿۱۱۵﴾ قَالُوْا لَئِنْ لَّمْ تَنْتَهِ يٰنُوْحُ لَتَكُوْنَنَّ
مِنَ الْمَرْجُوْمِيْنَ ﴿۱۱۶﴾ قَالَ رَبِّ اِنَّ قَوْمِيْ كَذَّبُوْنِ ﴿۱۱۷﴾

۽ گمراهن لاءِ دوزخ ظاهر ڪيو ويندو (٩١). ۽ کين چيو ويندو ته اُهي ڪٿي آهن، جن کي پوڄيندا هيؤ (٩٢). الله کانسواءِ؟ (هاڻي) اُهي اوهان کي مدد ڏين ٿا ڇا يا (پاڻ) بدلو وٺي سگهن ٿا؟ (٩٣). پوءِ اُهي گمراهه (پوڄيندڙ) ۽ بت منجهس اونڌا ڪري اُڇلايا ويندا (٩٤). ۽ مڙيئي شيطاني لشڪر به (اُڇلائبا) (٩٥). ۽ (تڏهن) اُهي منجهس هڪ ٻئي سان جهڳڙو ڪندي پيا چوندا (٩٦). ته الله جو قسم آهي بيشڪ اسين ته پڌريءَ گمراهيءَ ۾ هيا سون (٩٧). جڏهن اوهان کي جهانن جي پالڻهار سان برابر ٿي ڪيو سون (٩٨). ۽ (هنن) مجرمن کان سواءِ ٻئي ڪنهين اسان کي گمراهه نه ڪيو (٩٩). پوءِ اسان جو (هاڻي) نڪو ڪو سفارش ڪرڻ وارو آهي (١٠٠). ۽ نڪو ڪو غمخوار دوست آهي (١٠١). پوءِ جيڪر هڪ ڀيرو اسان کي (وري دنيا ۾ وڃڻ) ملي ته مؤمنن مان ٿيون! (١٠٢). بيشڪ اِن ۾ ضرور نشاني آهي ۽ اُنهن مان گهڻا مؤمن نه آهن (١٠٣). ۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي غالب مهربان آهي (١٠٤). نوح جي قوم پيغمبرن کي ڪوڙو ڀانيو (١٠٥). جڏهن کين سندن ڀاءُ نوح چيو ته، (الله کان) ڇو نه ٿا ڊڄو؟ (١٠٦). بيشڪ آءٌ اوهان لاءِ امين پيغمبر آهيان (١٠٧). پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃو (١٠٨). ۽ اوهان کان اِن (پيغام جي پهچائڻ) تي ڪو اُجورو نه ٿو گهران، منهنجو اُجورو ته رڳو جهانن جي پالڻهار تي آهي (١٠٩). پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃيو (١١٠). چيائون ته توتي ايمان ڇو آڻيون؟ ۽ حالانڪ نيچ ماڻهن (ڪنهن دنياوي لالچ لاءِ) تنهنجي تابعداري ڪئي آهي (١١١). (نوح) چيو ته، مون کي ڪهڙي سُڌ ته (هو) ڇا ڪندا رهيا آهن (١١٢). جيڪڏهن اوهين سمجهه وارا آهيو ته، سندن حساب منهنجي پالڻهار کان سواءِ ٻئي ڪنهن تي نه آهي (١١٣). ۽ آءٌ مؤمنن کي تڙڻ وارو نه آهيان (١١٤). آءٌ ته رڳو پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان (١١٥). چيائون ته اي نوح! جيڪڏهن تون نه رهندين ته ضرور سنگسار ٿيندين (١١٦). (نوح) چيو ته، اي منهنجا پالڻهار! بيشڪ منهنجيءَ قوم مون کي ڪوڙو ڀانيو (١١٧).

فَافْتَحْ بَيْنِيْ وَبَيْنَهُمْ فَتْحًا وَّنَجِّنِيْ وَمَنْ مَّعِيَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١١٨﴾
فَاَنْجَيْنٰهُ وَمَنْ مَّعَهٗ فِي الْفُلْكِ الْمَشْحُوْنِ ﴿١١٩﴾ ثُمَّ اَغْرَقْنَا بَعْدُ
الْبٰقِيْنَ ﴿١٢٠﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٢١﴾ وَ
اِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿١٢٢﴾ كَذَّبَتْ عَادُ ِۨالْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٢٣﴾ اِذْ
قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ هُوْدٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٢٤﴾ اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ﴿١٢٥﴾
فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿١٢٦﴾ وَمَاۤ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِيَ
اِلَّا عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٢٧﴾ اَتَبْنُوْنَ بِكُلِّ رِيْعٍ اٰيَةً تَعْبَثُوْنَ ﴿١٢٨﴾ وَ
تَتَّخِذُوْنَ مَصَانِعَ لَعَلَّكُمْ تَخْلُدُوْنَ ﴿١٢٩﴾ وَاِذَا بَطَشْتُمْ بَطَشْتُمْ
جَبَّارِيْنَ ﴿١٣٠﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿١٣١﴾ وَاتَّقُوا الَّذِيْۤ اَمَدَّكُمْ بِمَا
تَعْلَمُوْنَ ﴿١٣٢﴾ اَمَدَّكُمْ بِاَنْعَامٍ وَّبَنِيْنَ ﴿١٣٣﴾ وَجَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ﴿١٣٤﴾ اِنِّيْۤ
اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿١٣٥﴾ قَالُوْا سَوَآءٌ عَلَيْنَاۤ اَوَعَظْتَ
اَمْ لَمْ تَكُنْ مِّنَ الْوٰعِظِيْنَ ﴿١٣٦﴾ اِنْ هٰذَاۤ اِلَّا خُلُقُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٣٧﴾ وَمَا
نَحْنُ بِمُعَذَّبِيْنَ ﴿١٣٨﴾ فَكَذَّبُوْهُ فَاَهْلَكْنٰهُمْ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَ
مَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٣٩﴾ وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿١٤٠﴾
كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٤١﴾ اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ صٰلِحٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٤٢﴾

تنهن ڪري منهنجي ۽ سندن وچ ۾ چڱيءَ طرح فيصلو ڪر ۽ مون کي ۽ جيڪي مؤمن مون ساڻ آهن، تن کي بچاءِ (١١٨). پوءِ کيس ۽ سندس سنگتين کي ڀريل ٻيڙيءَ ۾ بچايوسون (١١٩). وري ڪانئن پوءِ رهيلن کي ٻوڙيوسون (١٢٠). بيشڪ ان ۾ وڏي نشاني آهي ۽ انهن مان گهڻا مڃيندڙ نہ هئا (١٢١). ۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي غالب مهربان آهي (١٢٢). عاد (جي قوم) پيغمبرن کي ڪوڙو ڄاتو (١٢٣). جڏهن سندن ڀاءُ هود کين چيو تہ (الله کان) ڇو نہ ڊڄندا آهيو؟ (١٢٤). بيشڪ آءٌ اوهان جو امين پيغمبر آهيان (١٢٥). پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃو (١٢٦). ۽ آءٌ اوهان کان اُن (پيغام) پهچائڻ تي ڪو اجورو نہ ٿو گهران، منهنجو اُجورو رڳو جهانن جي پالڻهار تي آهي (١٢٧). سيڪنهن دڙي تي اجايا مشغول ٿي نشان ڇو ٺاهيندا آهيو؟ (١٢٨). ۽ (ڇو) پڪيون ماڙيون ٺاهيندا آهيو؟ جڻڪ اوهين سدائين رهندؤ (١٢٩). ۽ جڏهن اوهين دست درازي ڪندا آهيو (تڏهن) زبردست ٿي دست درازي ڪندا آهيو (١٣٠). پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃيو (١٣١). ۽ اُنهيءَ (الله) کان ڊڄو، جنهن اوهان کي اُنهيءَ (شيءِ) جي مدد ڏني جا (اوهين) ڄاڻندا آهيو (١٣٢). اوهان کي ڍورن ۽ پٽن (ڏيڻ) سان مدد ڏني اٿس (١٣٣). ۽ باغن ۽ (پاڻي جي) چشمن (ڏيڻ) سان بہ (١٣٤). بيشڪ آءٌ اوهان تي وڏي ڏينهن جي عذاب (پهچڻ) کان ڊڄان ٿو (١٣٥). چيائون تہ (جي) تون (اسان کي) نصيحت ڏين يا نصيحت ڏيندڙن مان نہ هجين تہ اسان لاءِ هڪجهڙو آهي (١٣٦). اِها اڳين جي ئي عادت آهي (١٣٧). ۽ اسين (ڪڏهن) عذاب ڪيل نہ ٿينداسون (١٣٨). پوءِ کيس ڪوڙو ڀانيائون تنهن ڪري کين هلاڪ ڪيوسون. بيشڪ ان (قصي) ۾ نشاني آهي ۽ منجهانئن گهڻا مڃڻ وارا نہ هئا (١٣٩). ۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي غالب مهربان آهي (١٤٠). ثمود (جي قوم) پيغمبرن کي ڪوڙو ڀانيو (١٤١). جڏهن کين سندن ڀاءُ صالح چيو تہ (الله کان) ڇو نہ ڊڄندا آهيو؟ (١٤٢).

إِنِّي لَكُمْ رَسُولٌ أَمِينٌ ﴿١٤٣﴾ فَاتَّقُوا اللَّهَ وَأَطِيعُونِ ﴿١٤٤﴾ وَمَا أَسْأَلُكُمْ عَلَيْهِ
مِنْ أَجْرٍ إِنْ أَجْرِيَ إِلَّا عَلَىٰ رَبِّ الْعَالَمِينَ ﴿١٤٥﴾ أَتُتْرَكُونَ فِي مَا هَاهُنَا
آمِنِينَ ﴿١٤٦﴾ فِي جَنَّاتٍ وَعُيُونٍ ﴿١٤٧﴾ وَزُرُوعٍ وَنَخْلٍ طَلْعُهَا هَضِيمٌ ﴿١٤٨﴾
وَتَنْحِتُونَ مِنَ الْجِبَالِ بُيُوتًا فَارِهِينَ ﴿١٤٩﴾ فَاتَّقُوا اللَّهَ وَأَطِيعُونِ ﴿١٥٠﴾
وَلَا تُطِيعُوا أَمْرَ الْمُسْرِفِينَ ﴿١٥١﴾ الَّذِينَ يُفْسِدُونَ فِي الْأَرْضِ وَ
لَا يُصْلِحُونَ ﴿١٥٢﴾ قَالُوا إِنَّمَا أَنْتَ مِنَ الْمُسَحَّرِينَ ﴿١٥٣﴾ مَا أَنْتَ إِلَّا بَشَرٌ
مِثْلُنَا فَأْتِ بِآيَةٍ إِنْ كُنْتَ مِنَ الصَّادِقِينَ ﴿١٥٤﴾ قَالَ هَٰذِهِ نَاقَةٌ
لَهَا شِرْبٌ وَلَكُمْ شِرْبُ يَوْمٍ مَعْلُومٍ ﴿١٥٥﴾ وَلَا تَمَسُّوهَا بِسُوءٍ فَيَأْخُذَكُمْ
عَذَابُ يَوْمٍ عَظِيمٍ ﴿١٥٦﴾ فَعَقَرُوهَا فَأَصْبَحُوا نَادِمِينَ ﴿١٥٧﴾ فَأَخَذَهُمُ
الْعَذَابُ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَةً وَمَا كَانَ أَكْثَرُهُمْ مُؤْمِنِينَ ﴿١٥٨﴾
وَإِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيزُ الرَّحِيمُ ﴿١٥٩﴾ كَذَّبَتْ قَوْمُ لُوطٍ الْمُرْسَلِينَ ﴿١٦٠﴾
إِذْ قَالَ لَهُمْ أَخُوهُمْ لُوطٌ أَلَا تَتَّقُونَ ﴿١٦١﴾ إِنِّي لَكُمْ رَسُولٌ أَمِينٌ ﴿١٦٢﴾
فَاتَّقُوا اللَّهَ وَأَطِيعُونِ ﴿١٦٣﴾ وَمَا أَسْأَلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ أَجْرٍ إِنْ أَجْرِيَ
إِلَّا عَلَىٰ رَبِّ الْعَالَمِينَ ﴿١٦٤﴾ أَتَأْتُونَ الذُّكْرَانَ مِنَ الْعَالَمِينَ ﴿١٦٥﴾ وَ
تَذَرُونَ مَا خَلَقَ لَكُمْ رَبُّكُمْ مِنْ أَزْوَاجِكُمْ بَلْ أَنْتُمْ قَوْمٌ عَادُونَ ﴿١٦٦﴾

بيشڪ آءٌ اوهان لاءِ اَمين پيغمبر آهيان (١٤٣). پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو
چيو ميڃيو (١٤٤). ۽ آءٌ اوهان کان اُن (پيغام پهچائڻ) تي ڪو اجورو نہ
ٿو گهران، منهنجو اجورو رڳو جهانن جي پالڻهار تي آهي (١٤٥). اُهو
جيڪي هتي (دنيا ۾) آهي، تنهن ۾ اوهان کي بي ڀؤ ڇڏي ڏبو ڇا (تہ
هميشہ آرام ۾ رهو)؟ (١٤٦). باغن ۾ ۽ چشمن ۾ (١٤٧). ۽ پوکن ۽
کجين ۾ جن جا گوشا ڪنئرا آهن (١٤٨). ۽ ڪاريگر ٿي جبلن مان
(تراشي) گهرَ ٻڻائيندا آهيو (١٤٩). پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو
ميڃو (١٥٠). ۽ اُنهن حد کان لنگهندڙن جو چيو نہ ميڃو (١٥١). جيڪي
ملڪ ۾ بگيڙ وجهندا آهن ۽ سڌارو نہ ڪندا آهن (١٥٢). چيائون تہ تون
رڳو جادو ڪيلن مان آهين (١٥٣). تون رڳو اسان جهڙو ماڻهو آهين،
جيڪڏهن تون سچن مان آهين تہ ڪا نشاني آڻ (١٥٤). (صالح) چيو
تہ هيءَ ڏاچي آهي، اُن جي (پاڻي) پيڻ لاءِ ۽ اوهان جي (پاڻي) پيڻ لاءِ
واري جو ڏينهن مقرر ٿيل آهي (١٥٥). ۽ اوهين کيس ڪو ايذاءُ نہ
پهچائجو، نہ تہ اوهان کي وڏي ڏينهن جو عذاب پڪڙيندو (١٥٦). پوءِ اُن
جون ڪُچون ڪپيائون (۽ ماري وڌائون) پوءِ پشيمان ٿيا (١٥٧). پوءِ کين
عذاب پڪڙيو، بيشڪ ان ۾ نشاني آهي ۽ منجهائن گهڻا مڃڻ وارا نہ
هئا (١٥٨). ۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي غالب مهربان آهي (١٥٩). لوط جي
قوم پيغمبرن کي ڪوڙو ڀانيو (١٦٠). جڏهن کين سندن ڀاءُ لوط چيو تہ
(الله کان) ڇو نہ ڊڄندا آهيو؟ (١٦١). بيشڪ آءٌ اوهان جو اَمين
پيغمبر آهيان (١٦٢). پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو ميڃو (١٦٣). ۽ اُن
(پيغام پهچائڻ) تي اوهان کان ڪو اجورو نہ ٿو گهران، منهنجو اُجورو
رڳو جهانن جي پالڻهار تي آهي (١٦٤). دنيا جهان جي نرن ڏانهن (بڇڙائيءَ
لاءِ) ڇو ويندا آهيو؟ (١٦٥). ۽ جيڪي اوهان جي پالڻهار اوهان لاءِ اوهان
جون زالون خلقيون آهن تن کي ڇو ڇڏيندا آهيو؟ بلڪ اوهين حد کان
لنگهندڙ قوم آهيو (١٦٦).

قَالُوا لَئِن لَّمْ تَنتَهِ يَٰلُوطُ لَتَكُونَنَّ مِنَ الْمُخْرَجِينَ ﴿١٦٧﴾ قَالَ إِنِّي
لِعَمَلِكُم مِّنَ الْقَالِينَ ﴿١٦٨﴾ رَبِّ نَجِّنِي وَأَهْلِي مِمَّا يَعْمَلُونَ ﴿١٦٩﴾ فَنَجَّيْنَٰهُ وَ
أَهْلَهُ أَجْمَعِينَ ﴿١٧٠﴾ إِلَّا عَجُوزًا فِي الْغَٰبِرِينَ ﴿١٧١﴾ ثُمَّ دَمَّرْنَا الْآخَرِينَ ﴿١٧٢﴾
وَأَمْطَرْنَا عَلَيْهِم مَّطَرًا فَسَاءَ مَطَرُ الْمُنذَرِينَ ﴿١٧٣﴾ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَةً
وَمَا كَانَ أَكْثَرُهُم مُّؤْمِنِينَ ﴿١٧٤﴾ وَإِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيزُ الرَّحِيمُ ﴿١٧٥﴾
كَذَّبَ أَصْحَٰبُ لْـَٔيْكَةِ الْمُرْسَلِينَ ﴿١٧٦﴾ إِذْ قَالَ لَهُمْ شُعَيْبٌ أَلَا
تَتَّقُونَ ﴿١٧٧﴾ إِنِّي لَكُمْ رَسُولٌ أَمِينٌ ﴿١٧٨﴾ فَاتَّقُوا اللَّهَ وَأَطِيعُونِ ﴿١٧٩﴾
وَمَا أَسْأَلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ أَجْرٍ إِنْ أَجْرِيَ إِلَّا عَلَىٰ رَبِّ الْعَٰلَمِينَ ﴿١٨٠﴾
أَوْفُوا الْكَيْلَ وَلَا تَكُونُوا مِنَ الْمُخْسِرِينَ ﴿١٨١﴾ وَزِنُوا بِالْقِسْطَاسِ
الْمُسْتَقِيمِ ﴿١٨٢﴾ وَلَا تَبْخَسُوا النَّاسَ أَشْيَاءَهُمْ وَلَا تَعْثَوْا فِي الْأَرْضِ
مُفْسِدِينَ ﴿١٨٣﴾ وَاتَّقُوا الَّذِي خَلَقَكُمْ وَالْجِبِلَّةَ الْأَوَّلِينَ ﴿١٨٤﴾
قَالُوا إِنَّمَا أَنتَ مِنَ الْمُسَحَّرِينَ ﴿١٨٥﴾ وَمَا أَنتَ إِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا وَ
إِن نَّظُنُّكَ لَمِنَ الْكَٰذِبِينَ ﴿١٨٦﴾ فَأَسْقِطْ عَلَيْنَا كِسَفًا مِّنَ السَّمَاءِ
إِن كُنتَ مِنَ الصَّٰدِقِينَ ﴿١٨٧﴾ قَالَ رَبِّي أَعْلَمُ بِمَا تَعْمَلُونَ ﴿١٨٨﴾ فَكَذَّبُوهُ
فَأَخَذَهُمْ عَذَابُ يَوْمِ الظُّلَّةِ إِنَّهُ كَانَ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيمٍ ﴿١٨٩﴾

چيائون تہ، اي لوط! جيڪڏهن نہ رهندين تہ ضرور لوڏائبين (١٦٧). لوط چيو تہ بيشڪ آءٌ اوهان جي ڪم کان رنج آهيان (١٦٨). اي منهنجا پالڻهار! جيڪي (هو) ڪندا آهن، تنهن جي شر کان مونکي ۽ منهنجي گهر جي ڀاتين کي بچاءِ! (١٦٩). پوءِ کيس ۽ سندس مڙني ڀاتين کي بچايوسون (١٧٠). سواءِ (هڪڙيءَ) ٻڍڙيءَ زال جي جا رهيلن مان هئي (١٧١). وري (اُنهن) ٻين جي پاڙ پٽي سون (١٧٢). ۽ مٿن (پٿرن جو) مينهن وسايوسون، پوءِ ڊيڄاريلن جو مينهن بڇڙو آهي (١٧٣). بيشڪ هن ۾ وڏي نشاني آهي ۽ منجهائن گهڻا مڃڻ ورا نہ هئا (١٧٤). ۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي غالب مهربان آهي (١٧٥). (شهر) ايڪه وارن پيغمبرن کي ڪوڙو ڀانيو (١٧٦). جڏهن کين شعيب چيو تہ، (الله کان) ڇو نہ ٿا ڊڄو؟ (١٧٧). بيشڪ آءٌ اوهان لاءِ امين پيغمبر آهيان (١٧٨). پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃو (١٧٩). ۽ آءٌ اوهان کان اُن (پيغام پهچائڻ) تي ڪو اجورو نہ ٿو گهران، منهنجو اُجورو رڳو جهانن جي پالڻهار تي آهي (١٨٠). ماپ پورو ڀريو ۽ ڪسُ لائيندڙن مان نہ ٿيو (١٨١). ۽ سنئينءَ تارازيءَ سان توريو (١٨٢). ۽ ماڻهن کي سندن شيون گهٽ نہ ڏيو ۽ ملڪ ۾ فسادي ٿي بگيڙ نہ وجهو (١٨٣). ۽ اُنهيءَ (الله) کان ڊڄو جنهن اوهان کي ۽ اڳينءَ خلق کي خلقيو (١٨٤). چيائون تہ تون رڳو جادو ڪيلن مان آهين (١٨٥). ۽ تون رڳو اسان جهڙو ماڻهو آهين ۽ بيشڪ اسين توکي ڪوڙن مان ڀائيندا آهيون (١٨٦). جيڪڏهن تون سچن مان آهين تہ اسان تي آسمان مان ڪا چپ ڪيراءِ (١٨٧). (شعيب) چيو تہ جيڪي اوهين ڪندا آهيو، سو منهنجو پالڻهار چڱيءَ طرح ڄاڻندو آهي (١٨٨). پوءِ ان کي ڪوڙو ڀانيائون، تنهن ڪري ڇانيءَ واري ڏينهن جي عذاب کين پڪڙيو. بيشڪ اُهو وڏي ڏينهن جو عذاب هو (١٨٩).

إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَةً ۖ وَمَا كَانَ أَكْثَرُهُم مُّؤْمِنِينَ ﴿١٩٠﴾ وَإِنَّ رَبَّكَ

لَهُوَ الْعَزِيزُ الرَّحِيمُ ﴿١٩١﴾ وَإِنَّهُ لَتَنزِيلُ رَبِّ الْعَالَمِينَ ﴿١٩٢﴾ نَزَلَ بِهِ

الرُّوحُ الْأَمِينُ ﴿١٩٣﴾ عَلَىٰ قَلْبِكَ لِتَكُونَ مِنَ الْمُنذِرِينَ ﴿١٩٤﴾ بِلِسَانٍ

عَرَبِيٍّ مُّبِينٍ ﴿١٩٥﴾ وَإِنَّهُ لَفِي زُبُرِ الْأَوَّلِينَ ﴿١٩٦﴾ أَوَلَمْ يَكُن لَّهُمْ آيَةً أَن

يَعْلَمَهُ عُلَمَاءُ بَنِي إِسْرَائِيلَ ﴿١٩٧﴾ وَلَوْ نَزَّلْنَاهُ عَلَىٰ بَعْضِ الْأَعْجَمِينَ ﴿١٩٨﴾

فَقَرَأَهُ عَلَيْهِم مَّا كَانُوا بِهِ مُؤْمِنِينَ ﴿١٩٩﴾ كَذَٰلِكَ سَلَكْنَاهُ فِي قُلُوبِ

الْمُجْرِمِينَ ﴿٢٠٠﴾ لَا يُؤْمِنُونَ بِهِ حَتَّىٰ يَرَوُا الْعَذَابَ الْأَلِيمَ ﴿٢٠١﴾ فَيَأْتِيَهُم

بَغْتَةً وَهُمْ لَا يَشْعُرُونَ ﴿٢٠٢﴾ فَيَقُولُوا هَلْ نَحْنُ مُنظَرُونَ ﴿٢٠٣﴾

أَفَبِعَذَابِنَا يَسْتَعْجِلُونَ ﴿٢٠٤﴾ أَفَرَأَيْتَ إِن مَّتَّعْنَاهُمْ سِنِينَ ﴿٢٠٥﴾ ثُمَّ

جَاءَهُم مَّا كَانُوا يُوعَدُونَ ﴿٢٠٦﴾ مَا أَغْنَىٰ عَنْهُم مَّا كَانُوا يُمَتَّعُونَ ﴿٢٠٧﴾

وَمَا أَهْلَكْنَا مِن قَرْيَةٍ إِلَّا لَهَا مُنذِرُونَ ﴿٢٠٨﴾ ذِكْرَىٰ وَمَا كُنَّا

ظَالِمِينَ ﴿٢٠٩﴾ وَمَا تَنَزَّلَتْ بِهِ الشَّيَاطِينُ ﴿٢١٠﴾ وَمَا يَنبَغِي لَهُمْ وَمَا

يَسْتَطِيعُونَ ﴿٢١١﴾ إِنَّهُمْ عَنِ السَّمْعِ لَمَعْزُولُونَ ﴿٢١٢﴾ فَلَا تَدْعُ مَعَ

اللَّهِ إِلَٰهًا آخَرَ فَتَكُونَ مِنَ الْمُعَذَّبِينَ ﴿٢١٣﴾ وَأَنذِرْ عَشِيرَتَكَ

الْأَقْرَبِينَ ﴿٢١٤﴾ وَاخْفِضْ جَنَاحَكَ لِمَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْمُؤْمِنِينَ ﴿٢١٥﴾

بيشڪ هن (احوال) ۾ (وڏي) نشاني آهي ۽ منجهانئن گھڻا مڃڻ وارا نہ هئا (١٩٠). ۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي غالب مهربان آهي (١٩١). ۽ بيشڪ اهو (قرآن) جهانن جي پالڻهار کان لاٿل آهي (١٩٢). اُن کي روح الامين (يعني جبرئيل) لاٿو (١٩٣). تنهنجيءَ دل تي (هن لاءِ) تہ ڊيڄاريندڙن مان ٿئين (١٩٤). (جو) پڌريءَ عربيءَ ٻوليءَ ۾ آهي (١٩٥). ۽ بيشڪ سندس خبر اڳين صحيفن ۾ (لکيل) آهي (١٩٦). اُنهن لاءِ (اها) نشاني نہ آهي ڇا تہ، بني اسرائيلن جا عالم اُن (جي حقانيت) ڄاڻن ٿا (١٩٧). ۽ جيڪڏهن قرآن کي (عربن کان سواءِ ٻئي) ڪنهن عجميءَ تي نازل ڪريون ها (١٩٨). پوءِ اُهو مٿن پڙهي ها تہ ان کي (بہ) مڃڻ وارا نہ ٿين ها (١٩٩). اِهڙيءَ طرح گنهگارن جي دلين ۾ اُهو (انڪار) وڌوسون (٢٠٠). اُن تي (ايسين) ايمان نہ آڻيندا، جيسين ڏکوئيندڙ عذاب (نہ) ڏسندا (٢٠١). پوءِ اوچتو وٽن عذاب ايندو ۽ اُهي بي خبر هوندا (٢٠٢). پوءِ چوندا تہ اسين مهلت ڏنل ٿينداسون ڇا؟ (٢٠٣). پوءِ ڇو اسان جو عذاب تڪڙو گھرندا آهن؟ (٢٠٤). پوءِ ڏٺو اٿيئي ڇا تہ جيڪڏهن کين ڪيئي ورهيہ عيش ڪرڻ (جي مهلت) ڏيون (٢٠٥). وري وٽن اُهو اچي جنهن جو انجام ڏنو پئي وين (٢٠٦). تہ سندن آسودو هجڻ ڪائنن ڪجھ نہ ٽاريندو! (٢٠٧). ۽ اهڙي ڪنهين ڳوٺ کي ناس نہ ڪيوسون، جنهن لاءِ ڊيڄاريندڙ (نہ) هئا (٢٠٨). نصيحت ڏيڻ لاءِ، ۽ اسين ظالم نہ هياسون (٢٠٩). ۽ اُن (قرآن) کي شيطانن نازل نہ ڪيو آهي (٢١٠). ۽ نڪي کين جڳائيندو آهي ۽ نڪي ڪري سگھندا آهن (٢١١). بيشڪ اُهي (ملائڪن جي ڪلام) ٻڌڻ (جي جاءِ) کان پري ڪيل آهن (٢١٢). تنهن ڪري الله سان گڏ ڪنهن ٻئي معبود کي نہ سڏ، نہ تہ عذاب وارن مان ٿيندين (٢١٣). ۽ پنهنجن ويجهن مائٽن کي ڊيڄار (٢١٤). ۽ مؤمنن مان جيڪو تنهنجي تابعداري ڪري، تنهن لاءِ پنهنجو ٻازو جھڪو ڪر (يعني نرمي ڪر) (٢١٥).

فَاِنۡ عَصَوۡكَ فَقُلۡ اِنِّىۡ بَرِىۡٓءٌ مِّمَّا تَعۡمَلُوۡنَ ﴿٢١٦﴾ وَتَوَكَّلۡ عَلَى الۡعَزِيۡزِ
الرَّحِيۡمِ ﴿٢١٧﴾ الَّذِىۡ يَرٰٮكَ حِيۡنَ تَقُوۡمُ ﴿٢١٨﴾ وَتَقَلُّبَكَ فِى السّٰجِدِيۡنَ ﴿٢١٩﴾
اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ ﴿٢٢٠﴾ هَلۡ اُنَبِّئُكُمۡ عَلٰى مَنۡ تَنَزَّلُ الشَّيٰطِيۡنُ ؕ ﴿٢٢١﴾
تَنَزَّلُ عَلٰى كُلِّ اَفَّاكٍ اَثِيۡمٍ ﴿٢٢٢﴾ يُّلۡقُوۡنَ السَّمۡعَ وَاَكۡثَرُهُمۡ كٰذِبُوۡنَ ؕ ﴿٢٢٣﴾
وَالشُّعَرَآءُ يَتَّبِعُهُمُ الۡغَاوٗنَ ؕ ﴿٢٢٤﴾ اَلَمۡ تَرَ اَنَّهُمۡ فِىۡ كُلِّ وَادٍ
يَّهِيۡمُوۡنَ ﴿٢٢٥﴾ وَاَنَّهُمۡ يَقُوۡلُوۡنَ مَا لَا يَفۡعَلُوۡنَ ﴿٢٢٦﴾ اِلَّا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا
وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَذَكَرُوا اللّٰهَ كَثِيۡرًا وَّانۡتَصَرُوۡا مِنۡۢ بَعۡدِ مَا
ظُلِمُوۡا ؕ وَسَيَعۡلَمُ الَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡۤا اَىَّ مُنۡقَلَبٍ يَّنۡقَلِبُوۡنَ ﴿٢٢٧﴾

## سُوۡرَةُ النَّمۡلِ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

طٰسٓ ۚ تِلۡكَ اٰيٰتُ الۡقُرۡاٰنِ وَكِتَابٍ مُّبِيۡنٍ ۙ ﴿١﴾ هُدًى وَّبُشۡرٰى
لِلۡمُؤۡمِنِيۡنَ ۙ ﴿٢﴾ الَّذِيۡنَ يُقِيۡمُوۡنَ الصَّلٰوةَ وَيُؤۡتُوۡنَ الزَّكٰوةَ وَ
هُمۡ بِالۡاٰخِرَةِ هُمۡ يُوۡقِنُوۡنَ ﴿٣﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ بِالۡاٰخِرَةِ
زَيَّنَّا لَهُمۡ اَعۡمَالَهُمۡ فَهُمۡ يَعۡمَهُوۡنَ ؕ ﴿٤﴾ اُولٰۤـئِكَ الَّذِيۡنَ
لَهُمۡ سُوۡٓءُ الۡعَذَابِ وَهُمۡ فِى الۡاٰخِرَةِ هُمُ الۡاَخۡسَرُوۡنَ ﴿٥﴾

پوءِ جيڪڏهن تنهنجي نافرماني ڪن تہ چؤ تہ، جيڪي ڪندا آهيو تنهن کان بيشڪ آءٌ بيزار آهيان (٢١٦). ۽ اُنهيءَ غالب مهربان (الله) تي ڀروسو ڪر (٢١٧). جيڪو (تهجد وقت) تنهنجي اٿڻ مهل توکي ڏسي ٿو (٢١٨). ۽ سجدي ڪندڙن ۾ تنهنجو ڦرڻ بہ ڏسي ٿو (٢١٩). بيشڪ اُهو ئي ٻڌندڙ ڄاڻيندڙ آهي (٢٢٠). اوهان کي سڌ (نہ) ڏيان ڇا تہ ڪنهن تي شيطان لهندا آهن؟ (٢٢١). سڀڪنهن ٺڳ ڪنهگار تي لهندا آهن (٢٢٢). جو ٻُڌل (ڳالھ اُن جي ڪَن ۾ آڻي) وجهندا آهن ۽ منجهائن گهڻا ڪوڙا آهن (٢٢٣). ۽ گمراھ (ماڻهو) ئي شاعرن جي تابعداري ڪندا آهن (٢٢٤). نہ ڏٺو اٿيئي ڇا تہ، اُهي هر ميدان ۾ حيران ٿيندا آهن (٢٢٥). ۽ بيشڪ اُهي اُهو چوندا آهن، جيڪي نہ ڪندا آهن (٢٢٦). پر جن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا ۽ الله کي گهڻو ساريائون ۽ (پنهنجي) ڏکوئجڻ کان پوءِ بدلو ورتائون، (اُهي گمراھ نہ آهن)، ۽ ظالم سگهوئي ڄاڻندا تہ ڪهڙي موٽڻ جي هنڌ وري موٽندا! (٢٢٧).

## سورة نمل مڪي آهي ۽ هن ۾ ترانوي آيتون ۽ ست رڪوع آهن

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

طس، هي قرآن ۽ پڌري ڪتاب جون آيتون آهن (١). اُنهن مؤمنن لاءِ هدايت ۽ خوشخبري آهن (٢). جيڪي نماز پڙهندا آهن ۽ زڪوات ڏيندا آهن ۽ اُهي آخرت تي (بہ) يقين رکندا آهن (٣). بيشڪ جيڪي آخرت کي نہ مڃيندا آهن، تن لاءِ سندن ڪرتوت سينگارياسون، پوءِ اُهي حيران رهندا آهن (۴). اِهي اُهي آهن جن لاءِ عذاب جي سختي آهي، اُهي ئي آخرت ۾ ٽوٽي وارا آهن (٥).

وَاِنَّكَ لَتُلَقَّى الْقُرْاٰنَ مِنْ لَّدُنْ حَكِيْمٍ عَلِيْمٍ ۝٦ اِذْ قَالَ مُوْسٰى
لِاَهْلِهٖٓ اِنِّيْٓ اٰنَسْتُ نَارًا ؕ سَاٰتِيْكُمْ مِّنْهَا بِخَبَرٍ اَوْ اٰتِيْكُمْ بِشِهَابٍ قَبَسٍ
لَّعَلَّكُمْ تَصْطَلُوْنَ ۝٧ فَلَمَّا جَآءَهَا نُوْدِيَ اَنْۢ بُوْرِكَ مَنْ فِي النَّارِ وَ
مَنْ حَوْلَهَا ؕ وَسُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝٨ يٰمُوْسٰٓى اِنَّهٗٓ اَنَا اللّٰهُ
الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ۝٩ وَاَلْقِ عَصَاكَ ؕ فَلَمَّا رَاٰهَا تَهْتَزُّ كَاَنَّهَا جَآنٌّ
وَّلّٰى مُدْبِرًا وَّلَمْ يُعَقِّبْ ؕ يٰمُوْسٰى لَا تَخَفْ ۫ اِنِّيْ لَا يَخَافُ لَدَيَّ
الْمُرْسَلُوْنَ ۝١٠ اِلَّا مَنْ ظَلَمَ ثُمَّ بَدَّلَ حُسْنًۢا بَعْدَ سُوْٓءٍ فَاِنِّيْ
غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝١١ وَاَدْخِلْ يَدَكَ فِيْ جَيْبِكَ تَخْرُجْ بَيْضَآءَ مِنْ
غَيْرِ سُوْٓءٍ ۫ فِيْ تِسْعِ اٰيٰتٍ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَقَوْمِهٖ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا
قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ۝١٢ فَلَمَّا جَآءَتْهُمْ اٰيٰتُنَا مُبْصِرَةً قَالُوْا هٰذَا
سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ۝١٣ وَجَحَدُوْا بِهَا وَاسْتَيْقَنَتْهَآ اَنْفُسُهُمْ ظُلْمًا وَّعُلُوًّا ؕ
فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِيْنَ ۝١٤ وَلَقَدْ اٰتَيْنَا دَاوٗدَ وَ
سُلَيْمٰنَ عِلْمًا ۚ وَقَالَا الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ فَضَّلَنَا عَلٰى كَثِيْرٍ مِّنْ عِبَادِهِ
الْمُؤْمِنِيْنَ ۝١٥ وَوَرِثَ سُلَيْمٰنُ دَاوٗدَ وَقَالَ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ عُلِّمْنَا
مَنْطِقَ الطَّيْرِ وَاُوْتِيْنَا مِنْ كُلِّ شَيْءٍ ؕ اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الْفَضْلُ الْمُبِيْنُ ۝١٦

۽ (اي پيغمبر) بيشڪ توکي حڪمت واري ڄاڻندڙ (الله) وٽان قرآن ڏنو
وڃي ٿو (٦). (ياد ڪر!) جڏهن موسىٰ پنهنجي گهر جي ڀاتين کي چيو ته
بيشڪ مون باه ڏٺي آهي. اِجهو اوهان وٽ اتان ڪا خبر آڻيندس يا اوهان
وٽ (ڪو) مَتل ٽانڊو آڻيندس ته مَنَ اوهين پاڻ سيڪيو (٧). پوءِ جنهن
مهل (باه) وٽ آيو (تنهن مهل) سڏيو ويو ته جو باه ۾ ۽ جو سندس چوگرد
آهي، سو برڪت وارو ڪيو ويو آهي ۽ جهانن جو پالڻهار الله پاڪ
آهي (٨). (چيو ويو ته) اي موسىٰ! بيشڪ (ڳالهه هيءَ آهي ته) آءٌ الله غالب
حڪمت وارو آهيان (٩). ۽ پنهنجيءَ لٺ کي اُڇل، پوءِ جنهن مهل ان کي
چُرندو ڏٺائين ڄڻڪ اها نانگ آهي (تنهن مهل) پٺي ڏيئي ڀڳو ۽ پوئتي نه
موٽيو (چيوسون ته) اي موسىٰ! نه ڊڄ بيشڪ مون وٽ پيغمبر نه ڊڄندا
آهن (١٠). پرجنهن ظلم ڪيو وري مدائيءَ کان پوءِ مٽائي چڱائي ڪيائين
ته بيشڪ (اُنهيءَ لاءِ) آءٌ بخشڻهار مهربان آهيان (١١). ۽ پنهنجو هٿ
پنهنجي گريبان ۾ گهيڙ ته بي عيب چمڪندڙ ٿي نڪري (انهن ٻن معجزن
سان) جي نون معجزن ۾ (داخل) آهن، فرعون ۽ سندس قوم ڏانهن (وڃ).
بيشڪ اُهي بدڪار قوم آهن (١٢). پوءِ جنهن مهل اسان جون چِٽيون
آيتون وٽن پهتيون، (تنهن مهل) چيائون ته، هيءُ پڌرو جادو آهي (١٣). ۽
بي انصافيءَ ۽ وڏائيءَ کان اُنهن (نشانين) جو انڪار ڪيائون، حالانڪ
سندن دلين اُنهن کي پڪ ڄاتو هو (ته الله جي طرف کان آيل آهن). پوءِ
ڏس ته فسادين جي پڇاڙي ڪهڙيءَ طرح ٿي (١٤). ۽ بيشڪ دائود ۽
سليمان کي علم ڏنوسون ۽ هنن چيو ته، سڀ ساراهه اُنهيءَ الله کي جڳائي
جنهن پنهنجن گهڻن مؤمن ٻانهن تي اسان کي فضيلت ڏني آهي (١٥). ۽
سليمان دائود جو وارث ٿيو ۽ چيائين ته اي انسانؤ! اسان کي پکين جي
ٻولي سيکاري وئي آهي ۽ اسان کي سڀڪا نعمت ڏني وئي آهي، بيشڪ
اِها ئي پڌري ڀلائي آهي (١٦).

وَحُشِرَ لِسُلَيْمٰنَ جُنُوْدُهٗ مِنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ وَالطَّيْرِ فَهُمْ يُوْزَعُوْنَ ﴿١٧﴾
حَتّٰۤى اِذَاۤ اَتَوْا عَلٰى وَادِ النَّمْلِ ۙ قَالَتْ نَمْلَةٌ يّٰۤاَيُّهَا النَّمْلُ ادْخُلُوْا
مَسٰكِنَكُمْ ۚ لَا يَحْطِمَنَّكُمْ سُلَيْمٰنُ وَجُنُوْدُهٗ ۙ وَهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿١٨﴾
فَتَبَسَّمَ ضَاحِكًا مِّنْ قَوْلِهَا وَقَالَ رَبِّ اَوْزِعْنِيْۤ اَنْ اَشْكُرَ
نِعْمَتَكَ الَّتِيْۤ اَنْعَمْتَ عَلَيَّ وَعَلٰى وَالِدَيَّ وَاَنْ اَعْمَلَ صَالِحًا
تَرْضٰىهُ وَاَدْخِلْنِيْ بِرَحْمَتِكَ فِيْ عِبَادِكَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٩﴾ وَتَفَقَّدَ
الطَّيْرَ فَقَالَ مَالِيَ لَاۤ اَرَى الْهُدْهُدَ ۖ اَمْ كَانَ مِنَ الْغَآئِبِيْنَ ﴿٢٠﴾
لَاُعَذِّبَنَّهٗ عَذَابًا شَدِيْدًا اَوْ لَاۡاَذْبَحَنَّهٗۤ اَوْ لَيَاْتِيَنِّيْ بِسُلْطٰنٍ
مُّبِيْنٍ ﴿٢١﴾ فَمَكَثَ غَيْرَ بَعِيْدٍ فَقَالَ اَحَطْتُّ بِمَا لَمْ تُحِطْ بِهٖ وَ
جِئْتُكَ مِنْ سَبَاٍۭ بِنَبَاٍ يَّقِيْنٍ ﴿٢٢﴾ اِنِّيْ وَجَدْتُّ امْرَاَةً تَمْلِكُهُمْ
وَاُوْتِيَتْ مِنْ كُلِّ شَيْءٍ وَّلَهَا عَرْشٌ عَظِيْمٌ ﴿٢٣﴾ وَجَدْتُّهَا وَقَوْمَهَا
يَسْجُدُوْنَ لِلشَّمْسِ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ
فَصَدَّهُمْ عَنِ السَّبِيْلِ فَهُمْ لَا يَهْتَدُوْنَ ﴿٢٤﴾ ۙ اَلَّا يَسْجُدُوْا لِلّٰهِ
الَّذِيْ يُخْرِجُ الْخَبْءَ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَيَعْلَمُ مَا تُخْفُوْنَ
وَمَا تُعْلِنُوْنَ ﴿٢٥﴾ اَللّٰهُ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ ﴿٢٦﴾ السجدة

۽ سليمان لاءِ جنّن ۽ ماڻهن ۽ پکين مان سندس لشڪر گڏ ڪيا ويا، پوءِ اُهي لڳو لڳ صفون ٻڌائي بيهاريا ويندا هئا (١٧). تانجو جڏهن ڪِولين جي ميدان تي پهتا (تڏهن) هڪ ڪِول چيو ته، اي ڪِوليون! اوهين پنهنجن ٻرڙن ۾ گهڙو ته سليمان ۽ سندس لشڪر پنهنجي بي خبريءَ ۾ اوهان کي نه لتاڙين (١٨). پوءِ (سليمان) اُن جي ڳالهائڻ کان مرڪي کِليو ۽ چيائين ته اي منهنجا پالڻهار! مون کي توفيق ڏي ته تنهنجي اُنهن نعمتن جو شڪر ڪريان، جي مون تي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ تي ڪيون اٿيئي ۽ (توفيق ڏيم) ته اهڙا چڱا ڪم ڪريان جن کان تون راضي ٿئين ۽ مون کي پنهنجيءَ ٻاجھ سان پنهنجن صالحن ٻانهن ۾ داخل ڪر (١٩). ۽ پکين جي جانچ پڙتال ڪيائين، پوءِ (هُدهُد کي نه ڏسي ڪري) چيائين ته، مون کي ڇا (ٿيو) آهي، جو هُدهُد نه ٿو ڏسان يا هو غيرحاضر آهي؟ (٢٠). ضرور سخت سزا ڏيندومانس يا ضرور ڪهندوسانس يا مون وٽ ڪو پڌرو دليل آڻي (٢١). پوءِ گهڻو نه ترسيو ته (اچي) چيائين ته اهڙي خبر آندي اٿم جنهن جي تو کي ڪا سُڌ نه هئي ۽ (شهر) سبا کان (هيءَ) پڪي خبر تو وٽ آندي اٿم (٢٢). بيشڪ مون هڪ عورت ڏٺي جا انهن تي بادشاهي ٿي ڪري ۽ ڪيس سڀ ڪا نعمت ڏني ويئي آهي ۽ ان کي وڏو تخت (به) آهي (٢٣). کيس ۽ سندس قوم کي الله کان سواءِ سج جي پوڄا ڪندو ڏٺم ۽ شيطان اُنهن لاءِ سندن ڪرتوت سينگاريا آهن ۽ کين (الله جي) واٽ کان جهليو اٿس، تنهن ڪري اهي هدايت نه ٿا لهن (٢٤). (اُهي) اُنهيءَ الله کي سجدو ڇو نه ٿا ڪن، جو آسمانن ۽ زمين جون ڳجهيون شيون پڌريون ڪندو آهي؟ ۽ جيڪي لڪائيندا آهيو ۽ جيڪي پڌرو ڪندا آهيو سو (به) ڄاڻندو آهي (٢٥). الله (اُهو آهي جو) اُن کان سواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جي لائق نه آهي (اُهو) وڏي عرش جو پالڻهار آهي (٢٦).

قَالَ سَنَنْظُرُ اَصَدَقْتَ اَمْ كُنْتَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿۲۷﴾ اِذْهَبْ بِّكِتٰبِيْ
هٰذَا فَاَلْقِهْ اِلَيْهِمْ ثُمَّ تَوَلَّ عَنْهُمْ فَانْظُرْ مَاذَا يَرْجِعُوْنَ ﴿۲۸﴾ قَالَتْ
يٰۤاَيُّهَا الْمَلَؤُا اِنِّيْۤ اُلْقِيَ اِلَيَّ كِتٰبٌ كَرِيْمٌ ﴿۲۹﴾ اِنَّهٗ مِنْ سُلَيْمٰنَ وَ اِنَّهٗ
بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ﴿۳۰﴾ اَلَّا تَعْلُوْا عَلَيَّ وَ اْتُوْنِيْ مُسْلِمِيْنَ ﴿۳۱﴾ ع
قَالَتْ يٰۤاَيُّهَا الْمَلَؤُا اَفْتُوْنِيْ فِيْۤ اَمْرِيْ ۚ مَا كُنْتُ قَاطِعَةً اَمْرًا
حَتّٰى تَشْهَدُوْنِ ﴿۳۲﴾ قَالُوْا نَحْنُ اُولُوْا قُوَّةٍ وَّ اُولُوْا بَاْسٍ شَدِيْدٍ ۙ۬
وَّ الْاَمْرُ اِلَيْكِ فَانْظُرِيْ مَاذَا تَاْمُرِيْنَ ﴿۳۳﴾ قَالَتْ اِنَّ الْمُلُوْكَ
اِذَا دَخَلُوْا قَرْيَةً اَفْسَدُوْهَا وَ جَعَلُوْۤا اَعِزَّةَ اَهْلِهَاۤ اَذِلَّةً ۚ وَ
كَذٰلِكَ يَفْعَلُوْنَ ﴿۳۴﴾ وَ اِنِّيْ مُرْسِلَةٌ اِلَيْهِمْ بِهَدِيَّةٍ فَنٰظِرَةٌۢ بِمَ
يَرْجِعُ الْمُرْسَلُوْنَ ﴿۳۵﴾ فَلَمَّا جَآءَ سُلَيْمٰنَ قَالَ اَتُمِدُّوْنَنِ بِمَالٍ٘ فَمَاۤ
اٰتٰىنِ َۧ اللّٰهُ خَيْرٌ مِّمَّاۤ اٰتٰىكُمْ ۚ بَلْ اَنْتُمْ بِهَدِيَّتِكُمْ تَفْرَحُوْنَ ﴿۳۶﴾ اِرْجِعْ
اِلَيْهِمْ فَلَنَاْتِيَنَّهُمْ بِجُنُوْدٍ لَّا قِبَلَ لَهُمْ بِهَا وَ لَنُخْرِجَنَّهُمْ مِّنْهَاۤ
اَذِلَّةً وَّ هُمْ صٰغِرُوْنَ ﴿۳۷﴾ قَالَ يٰۤاَيُّهَا الْمَلَؤُا اَيُّكُمْ يَاْتِيْنِيْ بِعَرْشِهَا
قَبْلَ اَنْ يَّاْتُوْنِيْ مُسْلِمِيْنَ ﴿۳۸﴾ قَالَ عِفْرِيْتٌ مِّنَ الْجِنِّ اَنَا اٰتِيْكَ
بِهٖ قَبْلَ اَنْ تَقُوْمَ مِنْ مَّقَامِكَ ۚ وَ اِنِّيْ عَلَيْهِ لَقَوِيٌّ اَمِيْنٌ ﴿۳۹﴾

(سليمان) چيو تہ ڏسندا سين تہ سچ چيو اٿيئي يا ڪوڙن مان آهين (٢٧). هيءُ منهنجو خط کڻي وڃ، پوءِ اهو اُنهن ڏانهن اُڇل، وري ڪانئن منهن ڦيراءِ، پوءِ ڏس تہ ڇا ٿا ورندي ڏين؟ (٢٨). (بلقيس خط ڏسي) چيو تہ اي سردارؤ! مون ڏانهن مانائتو خط اڇليو ويو آهي (٢٩). بيشڪ اُهو (خط) سليمان وٽان (آيل) آهي ۽ بيشڪ اُهو الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع) آهي (٣٠). (هن مضمون سان لکيل آهي) تہ منهنجي اڳو وڏائي نہ ڪريو ۽ مون وٽ مسلمان ٿي اچو (٣١). (بلقيس وري) چيو تہ اي سردارؤ! منهنجي ڪم ۾ مون کي صلاح ڏيو، (آءٌ) ڪو ڪم ايسين نبيرينڌڙ نہ آهيان، جيسين اوهين حاضر (نہ) ٿيندؤ (٣٢). چيائون تہ اسين زوراور ۽ ڏاڍا جنگي جوان آهيون ۽ معاملو تنهنجي حوالي آهي، پوءِ نهار تہ ڇا ٿي حڪم ڪرين؟ (٣٣). چيائين تہ بيشڪ بادشاه جنهن مهل ڪنهن ڳوٺ ۾ گهڙندا آهن، (تنهن مهل) ان کي اجاڙيندا آهن ۽ اُن جي مانوارن کي بي مانو ڪندا آهن ۽ (سيئي بادشاه) ائين ئي ڪندا آهن (٣٤). ۽ بيشڪ آءٌ اُنهن ڏانهن ڪا سوکڙي موڪليان ٿي، پوءِ ڏسان تہ قاصد ڇا سان موٽن ٿا؟ (٣٥). پوءِ جنهن مهل سليمان وٽ (قاصد) آيو، (تنهن مهل سليمان) چيو تہ اوهين مون کي مال سان امداد ڪريو ٿا ڇا؟ پوءِ جيڪي مون کي الله ڏنو آهي، سو اُنهي کان ڀلو آهي، جيڪي اوهان کي ڏنو اٿس، بلڪ اوهين پنهنجن سوغاتن سان خوش ٿا ٿيو (٣٦). (سندن سوکڙين سميت) اُنهن ڏانهن موٽي وڃ، (اسين) بيشڪ اهڙا لشڪر وٺي ايندا سون، جن جي سامهون ٽيڻ جي انهن کي ڪا مجال نہ هوندي ۽ ان هنڌان کين بلڪل بيمانو ڪري ڪيڍنداسون ۽ اُهي ذليل هوندا (٣٧). (سليمان) چيو تہ اي سردارؤ! اوهان مان ڪو اُنهن جي مسلمان ٿي مون وٽ اچڻ کان اڳ سندس تخت مون وٽ آڻيندو؟ (٣٨). جنّن مان هڪڙي وڏي جن چيو تہ تون پنهنجي جاءِ تان اٿين، تنهن کان اڳي آءٌ اهو تو وٽ آڻيندس ۽ بيشڪ آءٌ مٿس وڏو سگهارو معتبر آهيان (٣٩).

قَالَ الَّذِيْ عِنْدَهٗ عِلْمٌ مِّنَ الْكِتٰبِ اَنَا اٰتِيْكَ بِهٖ قَبْلَ
اَنْ يَّرْتَدَّ اِلَيْكَ طَرْفُكَ ؕ فَلَمَّا رَاٰهُ مُسْتَقِرًّا عِنْدَهٗ قَالَ
هٰذَا مِنْ فَضْلِ رَبِّيْ ۫ لِيَبْلُوَنِيْۤ ءَاَشْكُرُ اَمْ اَكْفُرُ ؕ وَمَنْ
شَكَرَ فَاِنَّمَا يَشْكُرُ لِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ كَفَرَ فَاِنَّ رَبِّيْ غَنِيٌّ
كَرِيْمٌ ﴿٤٠﴾ قَالَ نَكِّرُوْا لَهَا عَرْشَهَا نَنْظُرْ اَتَهْتَدِيْۤ اَمْ تَكُوْنُ
مِنَ الَّذِيْنَ لَا يَهْتَدُوْنَ ﴿٤١﴾ فَلَمَّا جَآءَتْ قِيْلَ اَهٰكَذَا
عَرْشُكِ ؕ قَالَتْ كَاَنَّهٗ هُوَ ۚ وَاُوْتِيْنَا الْعِلْمَ مِنْ قَبْلِهَا وَ
كُنَّا مُسْلِمِيْنَ ﴿٤٢﴾ وَصَدَّهَا مَا كَانَتْ تَّعْبُدُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ
اِنَّهَا كَانَتْ مِنْ قَوْمٍ كٰفِرِيْنَ ﴿٤٣﴾ قِيْلَ لَهَا ادْخُلِي الصَّرْحَ ۚ
فَلَمَّا رَاَتْهُ حَسِبَتْهُ لُجَّةً وَّكَشَفَتْ عَنْ سَاقَيْهَا ؕ قَالَ اِنَّهٗ
صَرْحٌ مُّمَرَّدٌ مِّنْ قَوَارِيْرَ ؕ قَالَتْ رَبِّ اِنِّيْ ظَلَمْتُ نَفْسِيْ وَ
اَسْلَمْتُ مَعَ سُلَيْمٰنَ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٤﴾ ع وَلَقَدْ اَرْسَلْنَاۤ اِلٰى
ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ صٰلِحًا اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ فَاِذَا هُمْ فَرِيْقٰنِ
يَخْتَصِمُوْنَ ﴿٤٥﴾ قَالَ يٰقَوْمِ لِمَ تَسْتَعْجِلُوْنَ بِالسَّيِّئَةِ قَبْلَ
الْحَسَنَةِ ۚ لَوْلَا تَسْتَغْفِرُوْنَ اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿٤٦﴾

(ٻيو) شخص جنھن وٽ ڪتاب مان علم ھو، (تنھن) چيو تہ، تنھنجي نگاه جي تو ڏانھن موٽڻ کان اڳي آءٌ اُھو (تخت) تو وٽ آڻيندس. پوءِ جنھن مھل (سليمان) اُھو پاڻ وٽ رکيل ڏٺو، (تنھن مھل) چيائين تہ ھيءُ منھنجي پالڻھار جي فضل مان آھي (ھن لاءِ) تہ مون کي پرکي تہ شڪر ڪريان ٿو يا بي شڪري ڪريان ٿو ۽ جيڪو شڪر ڪندو سو رڳو پنھنجي (نفعي) لاءِ شڪر ڪندو ۽ جنھن بي شڪري ڪئي تہ منھنجو پالڻھار بي پرواھ ڪرم ڪندڙ آھي (۴٠). (سليمان) چيو تہ، اُن جي تخت کي اُن (جي آزمائش) لاءِ بدليو تہ ڏسون تہ سڄاڻي ٿي يا اُنھن مان ٿئي ٿي، جيڪي نہ سڄاڻن؟ (۴١). پوءِ جنھن مھل (بلقيس) آئي (تنھن مھل) چيو ويو تہ، تنھنجو تخت ھھڙو آھي ڇا؟ چيائين تہ ھيءُ ڄڻڪ اُھو ئي آھي ۽ ھن کان اڳ (سليمان جي سچائيءَ بابت) اسان کي ڄاڻ ڏني ويئي ھئي ۽ اسين حڪم مڃيندڙ آھيون (۴٢). ۽ الله کان سواءِ جنھن جي پوڄا ڪندي ھئي، تنھن کان کيس (سليمان) جھليو، بيشڪ اھا ڪافرن جي قوم مان ھئي (۴٣). اُن کي چيو ويو تہ، محلات ۾ گھڙ! پوءِ اُھا جنھن مھل ڏٺائين (تنھن مھل) اُن کي پاڻيءَ جو تلاءُ ڀانيائين ۽ پنھنجن پنين تان ڪپڙو لاٿائين (سليمان) چيو تہ، اھا محلات شيشن سان جڙيل آھي. چيائين تہ اي منھنجا پالڻھار! بيشڪ مون پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيو ۽ (ھاڻي) جھانن جي پالڻھار الله کي سليمان سميت مڃيم (۴۴). ۽ بيشڪ ثمود (قوم) ڏانھن سندن ڀاءُ صالح کي موڪليو سون تہ الله جي عبادت ڪريو، پوءِ اُھي اُن مھل ٻہ ٽوليون ٿي جھڳڙو ڪندا رھندا (۴٥). (صالح) چيو تہ، اي منھنجي قوم! اوھين چڱائي کان اڳ برائيءَ جي تڪڙ جو ڪندا آھيو؟ الله کان بخشش ڇو نہ ٿا گھرو تہ مَنَ اوھان تي رحم ڪيو وڃي (۴٦).

قَالُوا اطَّيَّرْنَا بِكَ وَبِمَن مَّعَكَ ۚ قَالَ طَائِرُكُمْ عِندَ اللَّهِ ۖ بَلْ
أَنتُمْ قَوْمٌ تُفْتَنُونَ ﴿٤٧﴾ وَكَانَ فِي الْمَدِينَةِ تِسْعَةُ رَهْطٍ يُفْسِدُونَ
فِي الْأَرْضِ وَلَا يُصْلِحُونَ ﴿٤٨﴾ قَالُوا تَقَاسَمُوا بِاللَّهِ لَنُبَيِّتَنَّهُ وَ
أَهْلَهُ ثُمَّ لَنَقُولَنَّ لِوَلِيِّهِ مَا شَهِدْنَا مَهْلِكَ أَهْلِهِ وَإِنَّا لَصَادِقُونَ ﴿٤٩﴾
وَمَكَرُوا مَكْرًا وَمَكَرْنَا مَكْرًا وَهُمْ لَا يَشْعُرُونَ ﴿٥٠﴾ فَانظُرْ كَيْفَ
كَانَ عَاقِبَةُ مَكْرِهِمْ أَنَّا دَمَّرْنَاهُمْ وَقَوْمَهُمْ أَجْمَعِينَ ﴿٥١﴾ فَتِلْكَ
بُيُوتُهُمْ خَاوِيَةً بِمَا ظَلَمُوا ۗ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَةً لِّقَوْمٍ يَعْلَمُونَ ﴿٥٢﴾
وَأَنجَيْنَا الَّذِينَ آمَنُوا وَكَانُوا يَتَّقُونَ ﴿٥٣﴾ وَلُوطًا إِذْ قَالَ
لِقَوْمِهِ أَتَأْتُونَ الْفَاحِشَةَ وَأَنتُمْ تُبْصِرُونَ ﴿٥٤﴾ أَئِنَّكُمْ
لَتَأْتُونَ الرِّجَالَ شَهْوَةً مِّن دُونِ النِّسَاءِ ۚ بَلْ أَنتُمْ قَوْمٌ
تَجْهَلُونَ ﴿٥٥﴾ فَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهِ إِلَّا أَن قَالُوا أَخْرِجُوا آلَ
لُوطٍ مِّن قَرْيَتِكُمْ ۖ إِنَّهُمْ أُنَاسٌ يَتَطَهَّرُونَ ﴿٥٦﴾ فَأَنجَيْنَاهُ وَ
أَهْلَهُ إِلَّا امْرَأَتَهُ قَدَّرْنَاهَا مِنَ الْغَابِرِينَ ﴿٥٧﴾ وَأَمْطَرْنَا
عَلَيْهِم مَّطَرًا ۖ فَسَاءَ مَطَرُ الْمُنذَرِينَ ﴿٥٨﴾ قُلِ الْحَمْدُ لِلَّهِ وَسَلَامٌ
عَلَىٰ عِبَادِهِ الَّذِينَ اصْطَفَىٰ ۗ آللَّهُ خَيْرٌ أَمَّا يُشْرِكُونَ ﴿٥٩﴾

چيائون ته، توکي ۽ تنهنجي سنگت کي نياڳو سمجهيوسون (صالح) چيو ته، اوهان جو نياڳ الله وٽ آهي، بلڪ اوهين پرکيل قوم آهيو (٤٧). ۽ (اُن) شهر ۾ نوَ ڄڻا هئا جي ملڪ ۾ ڏقيڙ وجهندا هئا ۽ سڌارو نه ڪندا هئا (٤٨). اُنهن الله جو قسم پاڻ ۾ کڻي چيو ته، صالح کي ۽ سندس گهروارن کي راتاهو هڻي ماريون، وري سندس وارث کي ضرور چونداسين ته، (اسين) سندس گهروارن جي هلاڪ ٿيڻ مهل حاضر نه هئاسون ۽ بيشڪ اسين سچا آهيون (٤٩). ۽ هنن هڪڙي قسم جو فريب ڪيو ۽ اسان (به) هڪڙي قسم جي رٿ رٿي ۽ اُهي بي خبر هئا (٥٠). پوءِ (اي پيغمبر!) نهار ته سندن فريب جي پڇاڙي ڪهڙيءَ طرح ٿي! جو اسان ڪين ۽ سندن ساريءَ قوم کي ناس ڪيو (٥١). پوءِ اِنهيءَ سببان جو ظلم ڪيائون، اِهي سندن گهر اجڙيل آهن، ڄاڻندڙ قوم لاءِ بيشڪ هن ۾ وڏي نشاني آهي (٥٢). ۽ جن ايمان آندو ۽ پرهيزگاري ڪئي تن کي بچايوسين (٥٣). ۽ لوط کي (موڪليو سون). جڏهن پنهنجيءَ قوم کي چيائين ته، اوهين بيحيائيءَ (جو ڪم) ڇو ڪندا آهيو ۽ اوهين ڏسندا (به) آهيو؟ (٥٤). اوهين زالن کي ڇڏي مردن ڏانهن شهوت سان ڇو ويندا آهيو؟ بلڪ اوهين جاهل قوم آهيو (٥٥). تڏهن سندس قوم جي ورندي رڳو هيءَ هئي ته، چيائون ته پنهنجي ڳوٺ مان لوط جي گهروارن کي تڙيو، ڇو ته اهي ماڻهو پاڪ هجڻ گهرندا آهن (٥٦). پوءِ کيس ۽ سندس گهروارن کي بچايوسون، سواءِ سندس زال جي، جنهن کي پوئتي رهيلن مان ٺهرايوسون (٥٧). ۽ مٿن مينهن وسايوسون، پوءِ ڊيڄاريلن جو مينهن بڇڙو آهي (٥٨). (اي پيغمبر!) چئو ته، سڀ ساراهه الله کي جڳائي ۽ سندس اُنهن ٻانهن تي سلام هجي جن کي پسند ڪيائين. الله ڀلو آهي يا اُهو جنهن کي (اهي الله جو) شريڪ ٺهرائيندا آهن؟ (٥٩).

اَمَّنۡ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ وَاَنۡزَلَ لَكُمۡ مِّنَ
السَّمَآءِ مَآءً ۚ فَاَنۡۢبَتۡنَا بِهٖ حَدَآئِقَ ذَاتَ بَهۡجَةٍ ۚ مَا كَانَ
لَكُمۡ اَنۡ تُنۡۢبِتُوۡا شَجَرَهَا ؕ ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ؕ بَلۡ هُمۡ قَوۡمٌ يَّعۡدِلُوۡنَ ؕ ﴿٦٠﴾
اَمَّنۡ جَعَلَ الۡاَرۡضَ قَرَارًا وَّجَعَلَ خِلٰلَهَاۤ اَنۡهٰرًا وَّجَعَلَ
لَهَا رَوَاسِىَ وَجَعَلَ بَيۡنَ الۡبَحۡرَيۡنِ حَاجِزًا ؕ ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ؕ
بَلۡ اَكۡثَرُهُمۡ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ؕ ﴿٦١﴾ اَمَّنۡ يُّجِيۡبُ الۡمُضۡطَرَّ اِذَا دَعَاهُ
وَيَكۡشِفُ السُّوۡٓءَ وَيَجۡعَلُكُمۡ خُلَفَآءَ الۡاَرۡضِ ؕ ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ؕ
قَلِيۡلًا مَّا تَذَكَّرُوۡنَ ؕ ﴿٦٢﴾ اَمَّنۡ يَّهۡدِيۡكُمۡ فِىۡ ظُلُمٰتِ الۡبَرِّ وَ
الۡبَحۡرِ وَمَنۡ يُّرۡسِلُ الرِّيٰحَ بُشۡرًاۢ بَيۡنَ يَدَىۡ رَحۡمَتِهٖ ؕ
ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ؕ تَعٰلَى اللّٰهُ عَمَّا يُشۡرِكُوۡنَ ؕ ﴿٦٣﴾ اَمَّنۡ يَّبۡدَؤُا
الۡخَلۡقَ ثُمَّ يُعِيۡدُهٗ وَمَنۡ يَّرۡزُقُكُمۡ مِّنَ السَّمَآءِ وَالۡاَرۡضِ ؕ
ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ؕ قُلۡ هَاتُوۡا بُرۡهَانَكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿٦٤﴾
قُلۡ لَّا يَعۡلَمُ مَنۡ فِى السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ الۡغَيۡبَ اِلَّا اللّٰهُ ؕ
وَمَا يَشۡعُرُوۡنَ اَيَّانَ يُبۡعَثُوۡنَ ﴿٦٥﴾ بَلِ ادّٰرَكَ عِلۡمُهُمۡ فِى
الۡاٰخِرَةِ ۫ بَلۡ هُمۡ فِىۡ شَكٍّ مِّنۡهَا ۫ بَلۡ هُمۡ مِّنۡهَا عَمُوۡنَ ﴿٦٦﴾ ع

(نہ بلڪ پڇون ٿا تہ) اُھو ڪير آھي، جنھن آسمانن ۽ زمين کي بڻايو ۽ اوھان لاءِ آسمان مان پاڻي وسايو؟ پوءِ اُن سان (ھر طرح جا) رونق وارا باغ ڄماياسون، انھن (باغن) جي وڻن جي ڄمائڻ جي اوھان کي (ڪا سگھ) نہ ھئي. الله سان ڪو ٻيو معبود آھي ڇا؟ بلڪ اُھي (اھڙي) قوم آھن جو (سڌي رستي کان) ٿڙي ھلندا آھن (٦٠). (نہ بلڪ پڇون ٿا تہ) زمين کي ٺڪاءُ وارو ڪنھن ڪيو؟ ۽ اُن جي وچ ۾ نھرون (ڪنھن) پيدا ڪيون؟ ۽ مٿس جبل (ڪنھن) پيدا ڪيا؟ ۽ ٻن دريائن جي وچ ۾ (ڪنھن) اوٽ بڻائي؟ الله سان ڪو ٻيو معبود آھي ڇا؟ بلڪ انھن مان گھڻا نہ ڄاڻندا آھن (٦١). (نہ بلڪ پڇون ٿا تہ) پريشان حال جي دعا ڪير قبول ڪندو آھي جڏھن (ھو) الله کي سڏيندو آھي ۽ (ڪير) تڪليف دور ڪندو آھي؟ ۽ اوھان کي زمين ۾ (ڪير اڳين جو) وارث ڪندو آھي؟ الله سان ڪو ٻيو معبود آھي ڇا؟ اوھين گھٽ نصيحت وٺندا آھيو (٦٢). (نہ بلڪ پڇون ٿاتہ) اوھان کي بر ۽ بحر جي اونداھين ۾ ڪير (سڌو) رستو ڏيکاريندو آھي؟ ۽ پنھنجيءَ ٻاجھ (يعني مينھن) کان اڳ خوشخبري ڏيندڙ ھوائن کي ڪير گھلائيندو آھي؟ الله سان ڪو ٻيو معبود آھي ڇا؟ (ڪافر) جيڪي شريڪ مقرر ڪندا آھن، تن کان الله تمام مٿاھون آھي (٦٣). ڀلا نئين سر خلق ڪير بڻائيندو آھي؟ وري ٻيھر ان کي بڻائيندو. ۽ اوھان کي آسمان ۽ زمين مان ڪير روزي ڏيندو آھي؟ الله سان ڪو ٻيو معبود آھي ڇا؟ (اي پيغمبر ڪين) چؤ تہ، جيڪڏھن اوھين سچا آھيو تہ پنھنجي حجت آڻيو (٦٤). (اي پيغمبر! ڪين) چؤ تہ، آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي بہ آھن، سي الله کان سواءِ ڳجھ نہ ڄاڻندا آھن ۽ نڪي ڄاڻندا آھن تہ ڪڏھن وري اٿاربن (٦٥). بلڪ سندن ڄاڻپ آخرت (جي نسبت) ۾ عاجز ٿي پيئي آھي، بلڪ اُھي ڪانئس شڪ ۾ آھن، (نہ!) بلڪ اُن (جي سمجھ) کان انڌا آھن (٦٦).

وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا ءَاِذَا كُنَّا تُرٰبًا وَّاٰبَآؤُنَآ اَئِنَّا
لَمُخْرَجُوْنَ ﴿٦٧﴾ لَقَدْ وُعِدْنَا هٰذَا نَحْنُ وَاٰبَآؤُنَا مِنْ
قَبْلُ ۙ اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٦٨﴾ قُلْ سِيْرُوْا
فِى الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿٦٩﴾
وَلَا تَحْزَنْ عَلَيْهِمْ وَلَا تَكُنْ فِىْ ضَيْقٍ مِّمَّا يَمْكُرُوْنَ ﴿٧٠﴾
وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٧١﴾ قُلْ
عَسٰٓى اَنْ يَّكُوْنَ رَدِفَ لَكُمْ بَعْضُ الَّذِىْ تَسْتَعْجِلُوْنَ ﴿٧٢﴾
وَاِنَّ رَبَّكَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا
يَشْكُرُوْنَ ﴿٧٣﴾ وَاِنَّ رَبَّكَ لَيَعْلَمُ مَا تُكِنُّ صُدُوْرُهُمْ وَمَا
يُعْلِنُوْنَ ﴿٧٤﴾ وَمَا مِنْ غَآئِبَةٍ فِى السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ اِلَّا فِىْ
كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ﴿٧٥﴾ اِنَّ هٰذَا الْقُرْاٰنَ يَقُصُّ عَلٰى بَنِىْٓ
اِسْرَآءِيْلَ اَكْثَرَ الَّذِىْ هُمْ فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿٧٦﴾ وَاِنَّهٗ
لَهُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٧٧﴾ اِنَّ رَبَّكَ
يَقْضِىْ بَيْنَهُمْ بِحُكْمِهٖ ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْعَلِيْمُ ﴿٧٨﴾ ج
فَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّكَ عَلَى الْحَقِّ الْمُبِيْنِ ﴿٧٩﴾

۽ ڪافر چوندا آهن ته، جڏهن اسين مٽي ٿيندا سون ۽ اسان جا پيءُ ڏاڏا (به، تڏهن به) اسين وري قبرن مان ڪڍياسون ڇا؟ (٦٧). بيشڪ اسان کي ۽ اسان جي پيءُ ڏاڏن کي هن کان اڳ انهيءَ (ڳالھ) جو انجام ڏنو ويو آهي. هيءُ رڳو اڳين جون آکاڻيون آهن (٦٨). (اي پيغمبر! ڪين) چئُ ته، زمين ۾ گهمو ۽ ڏسو ته گنهگارن جي پڇاڙي ڪهڙيءَ طرح ٿي هئي (٦٩). ۽ (اي پيغمبر!) مٿن ڏک نه ڪر ۽ سندن فريب ڪرڻ کان خفتگيءَ ۾ نه رهه (٧٠). ۽ چوندا آهن ته جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته اهو انجام ڪڏهن ٿيندو (٧١). (ڪين) چئُ ته، جيڪي تڪڙو گهرندا آهيو، تنهن مان ڪجھ متان اوهان جي پٺيءَ پويان (ويجهو) هجي (٧٢). ۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار ماڻهن تي فضل ڪرڻ وارو آهي، پر گهڻا ماڻهو شڪر نه ڪندا آهن (٧٣). ۽ سندن سينا جيڪي لڪائيندا آهن ۽ جيڪي پڌرو ڪندا آهن، سو تنهنجو پالڻهار بيشڪ ڄاڻندو آهي (٧٤). ۽ آسمان ۽ زمين ۾ اهڙي ڪا (شيءِ) ڳجهي نه آهي، جا پڌري ڪتاب ۾ (لکيل) نه آهي (٧٥). بيشڪ هيءُ قرآن بني اسرائيلن کي گهڻيون اُهي ڳالهيون بيان ڪندو آهي، جن بابت اُهي تڪرار ڪندا هئا (٧٦). ۽ بيشڪ اُهو مومنن لاءِ هدايت ۽ ٻاجھ آهي (٧٧). بيشڪ تنهنجو پالڻهار پنهنجي حڪم سان سندن وچ ۾ نبيرو ڪندو ۽ اُهو غالب ڄاڻندڙ آهي (٧٨). پوءِ (اي پيغمبر! تون) الله تي ڀروسو ڪر، بيشڪ تون پڌري سچي (دين) تي آهين (٧٩).

إِنَّكَ لَا تُسْمِعُ الْمَوْتٰى وَلَا تُسْمِعُ الصُّمَّ الدُّعَآءَ إِذَا
وَلَّوْا مُدْبِرِيْنَ ﴿۸۰﴾ وَمَآ أَنْتَ بِهٰدِى الْعُمْىِ عَنْ ضَلٰلَتِهِمْ ط
إِنْ تُسْمِعُ إِلَّا مَنْ يُّؤْمِنُ بِاٰيٰتِنَا فَهُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿۸۱﴾ وَ
إِذَا وَقَعَ الْقَوْلُ عَلَيْهِمْ أَخْرَجْنَا لَهُمْ دَآبَّةً مِّنَ الْأَرْضِ
تُكَلِّمُهُمْ لا أَنَّ النَّاسَ كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا لَا يُوْقِنُوْنَ ﴿۸۲﴾ ع وَ
يَوْمَ نَحْشُرُ مِنْ كُلِّ أُمَّةٍ فَوْجًا مِّمَّنْ يُّكَذِّبُ
بِاٰيٰتِنَا فَهُمْ يُوْزَعُوْنَ ﴿۸۳﴾ حَتّٰى إِذَا جَآءُوْ قَالَ أَكَذَّبْتُمْ
بِاٰيٰتِىْ وَلَمْ تُحِيْطُوْا بِهَا عِلْمًا أَمَّاذَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۸۴﴾
وَوَقَعَ الْقَوْلُ عَلَيْهِمْ بِمَا ظَلَمُوْا فَهُمْ لَا يَنْطِقُوْنَ ﴿۸۵﴾
أَلَمْ يَرَوْا أَنَّا جَعَلْنَا الَّيْلَ لِيَسْكُنُوْا فِيْهِ وَالنَّهَارَ مُبْصِرًا ط
إِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿۸۶﴾ وَيَوْمَ يُنْفَخُ
فِى الصُّوْرِ فَفَزِعَ مَنْ فِى السَّمٰوٰتِ وَمَنْ فِى الْأَرْضِ
إِلَّا مَنْ شَآءَ اللّٰهُ ط وَكُلٌّ أَتَوْهُ دٰخِرِيْنَ ﴿۸۷﴾ وَتَرَى الْجِبَالَ
تَحْسَبُهَا جَامِدَةً وَّهِىَ تَمُرُّ مَرَّ السَّحَابِ ط صُنْعَ اللّٰهِ
الَّذِىْٓ أَتْقَنَ كُلَّ شَىْءٍ ط إِنَّهٗ خَبِيْرٌ بِمَا تَفْعَلُوْنَ ﴿۸۸﴾

بيشڪ تون نڪي مئن کي ٻڌائي سگھندين ۽ نڪي ٻوڙن کي سڏ ٻڌائي سگھندين، جڏهن (هو) پٺي ڏيئي ڦرن (٨٠). ۽ نڪي تون انڌن کي سندس گمراهيءَ کان (موٽڻ لاءِ) سڌو رستو ڏيکاريندڙ آهين (تون) رڳو اُنهيءَ کي ٻڌائيندين جيڪو اسان جي آيتن تي ايمان آڻيندو، پوءِ اُهي فرمانبردار آهن (٨١). ۽ جڏهن مٿن (عذاب جو) انجام لازم ٿيندو، (تڏهن) اُنهن لاءِ هڪ جانور زمين مان ڪيندا سون، جو ساڻن ڳالهائيندو، اِنهيءَ ڪري جو ماڻهو اسان جي آيتن تي يقين نه رکندا هئا (٨٢). ۽ انهيءَ ڏينهن، جو سيڪنهن امت مان اهڙي ٽولي کي ڪٺو ڪندا سون، جنهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڄاتو ٿي، پوءِ اُهي (هڪ ٻئي جي پهچڻ تائين) بيهاريا ويندا (٨٣). تانجو جڏهن (سڀ) ايندا (تڏهن الله) چوندو ته، اوهان منهنجين آيتن کي ڇو ڪوڙو ڄاتو هو؟ ۽ انهن کي اوهان سمجهو به نه هيو يا (ڇئو ته) اوهان ڪهڙو ڪم ڪيو ٿي؟ (٨٤). ۽ سندن ظلم ڪرڻ سببان مٿن (عذاب جو) انجام لازم ٿي چڪو، پوءِ اُهي (ماڻهو) ڳالهائي نه سگھندا (٨٥). نه ڏٺو اٿن ڇا ته، اسان رات کي (هن لاءِ) پيدا ڪيو ته منجهس آرام وٺن ۽ ڏينهن کي روشن (بڻايوسون) بيشڪ هن ۾ مڃيندڙ قوم لاءِ (منهنجي قدرت جون) نشانيون آهن (٨٦). ۽ (ياد ڪريو) جنهن ڏينهن صور ۾ ڦوڪبو (تنهن ڏينهن) جيڪي آسمانن ۾ آهن ۽ جيڪي زمين ۾ آهن، سي سڀيئي گهٻرائيندا، پر جن لاءِ الله گهريو آهي، (سي نه گهٻرائيندا) ۽ سڀڪو وٽس عجز انڪساري سان ايندو (٨٧). ۽ تون جبلن کي ڏسين ٿو، انهن کي (زمين ۾) ڄميل ڀانئين ٿو؟ حالانڪ اُهي ڪڪرن جي هلڻ وانگر هلندا (اها انهيءَ) الله جي ڪاريگري آهي، جنهن سيڪنهن شيءِ کي پڪو ڪري جوڙيو آهي، بيشڪ جيڪي ڪندا آهيو، تنهن جي اُهو خبر رکندڙ آهي (٨٨).

مَنْ جَآءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ خَيْرٌ مِّنْهَا ۚ وَهُمْ مِّنْ فَزَعٍ يَّوْمَئِذٍ
اٰمِنُوْنَ ﴿٨٩﴾ وَمَنْ جَآءَ بِالسَّيِّئَةِ فَكُبَّتْ وُجُوْهُهُمْ فِي النَّارِ ؕ هَلْ
تُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٠﴾ اِنَّمَآ اُمِرْتُ اَنْ اَعْبُدَ رَبَّ هٰذِهِ
الْبَلْدَةِ الَّذِيْ حَرَّمَهَا وَلَهٗ كُلُّ شَيْءٍ ۫ وَّاُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ
الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٩١﴾ وَاَنْ اَتْلُوَا الْقُرْاٰنَ ۚ فَمَنِ اهْتَدٰى فَاِنَّمَا يَهْتَدِيْ لِنَفْسِهٖ ۚ
وَمَنْ ضَلَّ فَقُلْ اِنَّمَآ اَنَا مِنَ الْمُنْذِرِيْنَ ﴿٩٢﴾ وَقُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ
سَيُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ فَتَعْرِفُوْنَهَا ؕ وَمَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٣﴾ ع

## سُوْرَةُ الْقَصَصِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

طٰسٓمّٓ ﴿١﴾ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ﴿٢﴾ نَتْلُوْا عَلَيْكَ مِنْ نَّبَاِ
مُوْسٰى وَفِرْعَوْنَ بِالْحَقِّ لِقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٣﴾ اِنَّ فِرْعَوْنَ
عَلَا فِي الْاَرْضِ وَجَعَلَ اَهْلَهَا شِيَعًا يَّسْتَضْعِفُ طَآئِفَةً
مِّنْهُمْ يُذَبِّحُ اَبْنَآءَهُمْ وَيَسْتَحْيٖ نِسَآءَهُمْ ؕ اِنَّهٗ كَانَ مِنَ
الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٤﴾ وَنُرِيْدُ اَنْ نَّمُنَّ عَلَى الَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا
فِي الْاَرْضِ وَنَجْعَلَهُمْ اَئِمَّةً وَّنَجْعَلَهُمُ الْوٰرِثِيْنَ ﴿٥﴾ لا

جيڪو نيڪي آڻيندو، تنهن لاءِ اُن کان ڀلو (بدلو) آهي ۽ اُهي اُن ڏينهن جي گهٻرائڻ کان اَمن وارا هوندا (٨٩). ۽ جيڪي گناهه آڻيندا تن جا منهن باهه ۾ اونڌا ڪري وجهبا (چيو ويندن) ته جيڪي ڪندا هيؤ، تنهن کان سواءِ ٻيوڪو بدلو نه ڏبو ڏجيوَ (٩٠). (اي پيغمبر چئو ته) مون کي ته (هيءُ) حڪم ڪيل آهي ته هن شهر (مڪي) جي مالڪ جي عبادت ڪريان، جنهن اُن کي تعظيم وارو ڪيو ۽ ۽ سڀڪا شيءِ سندس آهي ۽ مون کي حڪم ڪيل آهي ته مسلمانن مان هجان (٩١). ۽ (هيءُ) قرآن پڙهان، پوءِ جيڪو هدايت وارو ٿيو سو رڳو پاڻ لاءِ هدايت وارو ٿئي ٿو ۽ جيڪو گمراه ٿيو ته چؤ ته آءٌ رڳو ڊيڄاريندڙ آهيان (٩٢). ۽ چؤ ته، سڀ ساراهه الله کي جڳائي، (اُهو) اوهان کي پنهنجيون نشانيون سگهو ڏيکاريندو، پوءِ جن کي (اوهين) سڃاڻيندؤ ۽ جيڪي ڪندا آهيو، تنهن کان اوهان جو پالڻهار بي خبر نه آهي (٩٣).

سورة قصص مڪي آهي ۽ هن ۾ اٺاسي آيتون ۽ نَو رڪوع آهن.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

طسم (١). هيءُ پڌري ڪتاب جون آيتون آهن (٢). (اي پيغمبر!) موسىٰ ۽ فرعون جو ڪجهه احوال مؤمن ماڻهن (جي ٻڌائڻ) لاءِ توکي سچيءَ طرح پڙهي ٻڌايون ٿا (٣). بيشڪ فرعون ملڪ ۾ وڏائي ڪئي هئي ۽ ان جي رهڻ وارن کي ٽوليون ٽوليون ڪري ڇڏيون هيائين، منجهائن هڪ ٽوليءَ کي هيڻو ڪيو هيائين، جو سندن پٽ ڪهندو هو ۽ سندين ڌيئرون جيئريون ڇڏيندو هو. بيشڪ اُهو فسادين مان هو (٤). ۽ گهريوسون ته جن کي ملڪ ۾ هيڻو ڪيو ويو هو، تن تي احسان ڪريون ۽ کين اڳواڻ بڻايون ۽ کين وارث ڪريون (٥).

وَنُمَكِّنَ لَهُمْ فِي الْأَرْضِ وَنُرِيَ فِرْعَوْنَ وَهَامٰنَ وَجُنُودَهُمَا
مِنْهُمْ مَّا كَانُوا يَحْذَرُونَ ﴿٦﴾ وَأَوْحَيْنَآ إِلٰىٓ أُمِّ مُوسٰىٓ أَنْ
أَرْضِعِيهِ ۚ فَإِذَا خِفْتِ عَلَيْهِ فَأَلْقِيهِ فِي الْيَمِّ وَلَا تَخَافِي وَلَا
تَحْزَنِيٓ ۚ إِنَّا رَآدُّوهُ إِلَيْكِ وَجَاعِلُوهُ مِنَ الْمُرْسَلِينَ ﴿٧﴾
فَالْتَقَطَهُٓ اٰلُ فِرْعَوْنَ لِيَكُونَ لَهُمْ عَدُوًّا وَّحَزَنًا ؕ إِنَّ
فِرْعَوْنَ وَهَامٰنَ وَجُنُودَهُمَا كَانُوا خٰطِئِينَ ﴿٨﴾ وَقَالَتِ
امْرَاَتُ فِرْعَوْنَ قُرَّتُ عَيْنٍ لِّيْ وَلَكَ ؕ لَا تَقْتُلُوهُ ۖ ق
عَسٰىٓ أَنْ يَّنْفَعَنَآ أَوْ نَتَّخِذَهُ وَلَدًا وَّهُمْ لَا يَشْعُرُونَ ﴿٩﴾
وَأَصْبَحَ فُؤَادُ أُمِّ مُوسٰى فٰرِغًا ؕ إِنْ كَادَتْ لَتُبْدِي بِهٖ
لَوْلَآ أَنْ رَّبَطْنَا عَلٰى قَلْبِهَا لِتَكُونَ مِنَ الْمُؤْمِنِينَ ﴿١٠﴾
وَقَالَتْ لِأُخْتِهٖ قُصِّيهِ ۫ فَبَصُرَتْ بِهٖ عَنْ جُنُبٍ وَّهُمْ
لَا يَشْعُرُونَ ﴿١١﴾ وَحَرَّمْنَا عَلَيْهِ الْمَرَاضِعَ مِنْ قَبْلُ فَقَالَتْ
هَلْ أَدُلُّكُمْ عَلٰىٓ أَهْلِ بَيْتٍ يَّكْفُلُونَهُ لَكُمْ وَهُمْ لَهُ
نٰصِحُونَ ﴿١٢﴾ فَرَدَدْنٰهُ إِلٰىٓ أُمِّهٖ كَيْ تَقَرَّ عَيْنُهَا وَلَا تَحْزَنَ
وَلِتَعْلَمَ أَنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّلٰكِنَّ أَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُونَ ﴿١٣﴾ ع

۽ کين ملڪ ۾ دٻدٻو ڏيون ۽ فرعون ۽ هامان ۽ سندن لشڪرن کي اُنهن (هيڻن) کان اُها (ڳالهہ) ڏيکاريون جنهن کان ڊڄندا هئا (٦). ۽ موسىٰ جي ماءُ ڏانهن اِلهام ڪيو سون تہ انکي کير پيار! پوءِ جڏهن مٿس خطرو ڀانئين تڏهن کيس درياءَ ۾ اُڇلج ۽ نڪي ڊڄج ۽ نڪي غمگين ٿج، ڇو تہ اسين کيس تو ڏانهن ورائڻ وارا آهيون ۽ کيس پيغمبرن مان ڪرڻ وارا آهيون (٧). پوءِ فرعون جي گهراڻي وارن ان کي کڻي ورتو تہ (نيٺ) اُنهن لاءِ ويري ۽ ڏک (جو سبب) ٿئي. يقيناً فرعون ۽ هامـان ۽ سندن لشڪر خطا ڪندڙ هئا (٨). ۽ فرعون جي زال چيو تہ، هيءُ ڇوڪر منهنجي لاءِ ۽ تنهنجي لاءِ اکين جو ٺار آهي! ان کي نہ ڪُهو! مَن اسان کي فائدو ڏئي يا کيس پٽ ڪريون ۽ اُهي (اُن حال جي حقيقت) نہ ڄاڻندا هئا (٩). ۽ موسىٰ جي ماءُ جي دل بي قرار ٿي. اها ان راز کي ظاهر ڪرڻ تي هئي، جيڪڏهن سندس دل کـي اسيـن مضبوط نہ ڪريون هـا! (هن لاءِ) تہ يقين ڪندڙن مـان ٿئي (١٠). ۽ موسىٰ جي ڀيڻ کي چيائين تہ، سندس پيرو ڪڻ. پوءِ (اها) ان کي پري کان ڏسندي رهي ۽ انهن نہ ٿي ڄاتو (١١). ۽ (ڀيڻس جي پهچڻ کان) اڳ مٿس دائين جو کير حرام ڪيو سون، پوءِ ڀيڻس چيو تہ (آءٌ) اوهان کي اهڙو گهراڻو ڏسيان جو (اُهي) اوهان جي پاران ان جي سنيـال ڪن؟ ۽ اُهي ان جا گهڻ گهرا هجن (١٢). پوءِ کيس سندس ماءُ ڏانهن وري پهچايوسون تہ سندس اکيون ٺرن ۽ غمگين نہ ٿئي ۽ (هيءُ بہ) ڄاڻي تہ بيشڪ الله جو انجام سچو آهـي، پر گهڻا ماڻهـو نہ ڄاڻـندا آهن (١٣).

وَلَمَّا بَلَغَ اَشُدَّهٗ وَاسۡتَوٰۤى اٰتَيۡنٰهُ حُكۡمًا وَّعِلۡمًا ؕ وَكَذٰلِكَ
نَجۡزِى الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿۱۴﴾ وَدَخَلَ الۡمَدِيۡنَةَ عَلٰى حِيۡنِ غَفۡلَةٍ مِّنۡ
اَهۡلِهَا فَوَجَدَ فِيۡهَا رَجُلَيۡنِ يَقۡتَتِلٰنِ ۫ هٰذَا مِنۡ شِيۡعَتِهٖ وَهٰذَا
مِنۡ عَدُوِّهٖ ۚ فَاسۡتَغَاثَهُ الَّذِىۡ مِنۡ شِيۡعَتِهٖ عَلَى الَّذِىۡ مِنۡ
عَدُوِّهٖ ۙ فَوَكَزَهٗ مُوۡسٰى فَقَضٰى عَلَيۡهِ ۫ قَالَ هٰذَا مِنۡ عَمَلِ الشَّيۡطٰنِ ؕ
اِنَّهٗ عَدُوٌّ مُّضِلٌّ مُّبِيۡنٌ ﴿۱۵﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّىۡ ظَلَمۡتُ نَفۡسِىۡ فَاغۡفِرۡ لِىۡ
فَغَفَرَ لَهٗ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الۡغَفُوۡرُ الرَّحِيۡمُ ﴿۱۶﴾ قَالَ رَبِّ بِمَاۤ اَنۡعَمۡتَ عَلَىَّ
فَلَنۡ اَكُوۡنَ ظَهِيۡرًا لِّلۡمُجۡرِمِيۡنَ ﴿۱۷﴾ فَاَصۡبَحَ فِى الۡمَدِيۡنَةِ خَآئِفًا
يَّتَرَقَّبُ فَاِذَا الَّذِى اسۡتَنۡصَرَهٗ بِالۡاَمۡسِ يَسۡتَصۡرِخُهٗ ؕ قَالَ
لَهٗ مُوۡسٰٓى اِنَّكَ لَغَوِىٌّ مُّبِيۡنٌ ﴿۱۸﴾ فَلَمَّاۤ اَنۡ اَرَادَ اَنۡ يَّبۡطِشَ
بِالَّذِىۡ هُوَ عَدُوٌّ لَّهُمَا ۙ قَالَ يٰمُوۡسٰٓى اَتُرِيۡدُ اَنۡ تَقۡتُلَنِىۡ
كَمَا قَتَلۡتَ نَفۡسًۢا بِالۡاَمۡسِ ۖ اِنۡ تُرِيۡدُ اِلَّاۤ اَنۡ تَكُوۡنَ جَبَّارًا
فِى الۡاَرۡضِ وَمَا تُرِيۡدُ اَنۡ تَكُوۡنَ مِنَ الۡمُصۡلِحِيۡنَ ﴿۱۹﴾ وَجَآءَ
رَجُلٌ مِّنۡ اَقۡصَا الۡمَدِيۡنَةِ يَسۡعٰى ۫ قَالَ يٰمُوۡسٰٓى اِنَّ الۡمَلَاَ
يَاۡتَمِرُوۡنَ بِكَ لِيَقۡتُلُوۡكَ فَاخۡرُجۡ اِنِّىۡ لَكَ مِنَ النّٰصِحِيۡنَ ﴿۲۰﴾

۽ جنهن مهل پنهنجي جوانيءَ کي پهتو ۽ پختو ٿيو (تنهن مهل) کيس دانائي ۽ علم ڏنو سون ۽ اهڙيءَ طرح ڀلارن کي (چڱو) بدلو ڏيندا آهيون (١٤). ۽ (موسىٰ) شهر ۾ اتي جي رهاڪن جي غفلت جي وقت ۾ گهڙيو، پوءِ اتي ٻہ مڙس پاڻ ۾ وڙهندا ڏٺائين، هي (هڪڙو) سندس قوم مان هو، ۽ هي (ٻيو) سندس ويريءَ (فرعون جي قوم) مان هو ۽ پوءِ جيڪو سندس قوم مان هو، تنهن اُنهيءَ تي همراهي گهري جيڪو سندس ويريءَ (جي قوم) مان هو، پوءِ موسىٰ ان کي مڪ هنئي ۽ ان کي پورو ڪيائين، چيائين تہ، هيءُ شيطان جي ڪم مان آهي. بيشڪ اهو پڌرو گمراهہ ڪندڙ ويري آهي (١٥). چيائين تہ، اي منهنجا پالڻهار! بيشڪ مون پاڻ تي ظلم ڪيو، تنهن ڪري مون کي بخش، پوءِ کيس بخشيائين، بيشڪ اُهو ئي بخشڻهار مهربان آهي (١٦). چيائين تہ، اي منهنجا پالڻهار! جيڪو مون تي فضل ڪيو اٿيئي تنهن سببان ڏوهارين جو مددگار ڪڏهن نہ ٿيندس (١٧). پوءِ صبح ٿيندي شهر ۾ ڊڄندو خبرون جاچيندو رهيو تہ اوچتو جنهن ڪالهہ کانئس مدد گهري هئي، تنهن کانئس (وري) رڙ ڪري مدد گهري. موسىٰ کيس چيو تہ بيشڪ تون صفا بي راهو آهين (١٨). پوءِ جيڪو ٻنهي جو ويري هو تنهن ڏانهن (موسىٰ) جنهن مهل هٿ ڊگهيرڻ جو ارادو ڪيو، (تنهن مهل فرياد ڪندڙ موسىٰ کي پاڻ تي سنبريل سمجهي) چيو تہ، اي موسىٰ جيئن ڪالهہ هڪڙي ماڻهوءَ کي ماريوءِ تيئن مون کي (بہ) مارڻ جو ارادو ڪرين ٿو ڇا؟ ملڪ ۾ جابر ٿيڻ کان سواءِ تنهنجو ٻيو ڪو ارادو نہ آهي ۽ تون سڌاريندڙن مان پنهنجو هجڻ نہ ٿو گهرين (١٩). ۽ هڪ مڙس شهر جي پرين پاسي کان ڊوڙندو آيو ۽ چيائين تہ اي موسىٰ! بيشڪ (هتان جا) سردار تو لاءِ رٿ ڪن ٿا، تہ توکي ڪُهن، تنهن ڪري تون نڪر بيشڪ آءٌ تو لاءِ خير گهرندڙن مان آهيان (٢٠).

فَخَرَجَ مِنْهَا خَآئِفًا يَّتَرَقَّبُ ۫ قَالَ رَبِّ نَجِّنِيْ مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۲۱﴾ ع

وَلَمَّا تَوَجَّهَ تِلْقَآءَ مَدْيَنَ قَالَ عَسٰى رَبِّيْۤ اَنْ يَّهْدِيَنِيْ سَوَآءَ

السَّبِيْلِ ﴿۲۲﴾ وَلَمَّا وَرَدَ مَآءَ مَدْيَنَ وَجَدَ عَلَيْهِ اُمَّةً مِّنَ

النَّاسِ يَسْقُوْنَ ۬ۙ وَوَجَدَ مِنْ دُوْنِهِمُ امْرَاَتَيْنِ تَذُوْدٰنِ ۚ

قَالَ مَا خَطْبُكُمَا ؕ قَالَتَا لَا نَسْقِيْ حَتّٰى يُصْدِرَ الرِّعَآءُ ٚ وَاَبُوْنَا

شَيْخٌ كَبِيْرٌ ﴿۲۳﴾ فَسَقٰى لَهُمَا ثُمَّ تَوَلّٰۤى اِلَى الظِّلِّ فَقَالَ رَبِّ اِنِّيْ

لِمَاۤ اَنْزَلْتَ اِلَيَّ مِنْ خَيْرٍ فَقِيْرٌ ﴿۲۴﴾ فَجَآءَتْهُ اِحْدٰىهُمَا تَمْشِيْ عَلَى

اسْتِحْيَآءٍ ۫ قَالَتْ اِنَّ اَبِيْ يَدْعُوْكَ لِيَجْزِيَكَ اَجْرَ مَا سَقَيْتَ لَنَا ؕ

فَلَمَّا جَآءَهٗ وَقَصَّ عَلَيْهِ الْقَصَصَ ۙ قَالَ لَا تَخَفْ ۫ نَجَوْتَ مِنَ

الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۲۵﴾ قَالَتْ اِحْدٰىهُمَا يٰۤاَبَتِ اسْتَاْجِرْهُ ۫ اِنَّ خَيْرَ

مَنِ اسْتَاْجَرْتَ الْقَوِيُّ الْاَمِيْنُ ﴿۲۶﴾ قَالَ اِنِّيْۤ اُرِيْدُ اَنْ اُنْكِحَكَ

اِحْدَى ابْنَتَيَّ هٰتَيْنِ عَلٰۤى اَنْ تَاْجُرَنِيْ ثَمٰنِيَ حِجَجٍ ۚ فَاِنْ اَتْمَمْتَ

عَشْرًا فَمِنْ عِنْدِكَ ۚ وَمَاۤ اُرِيْدُ اَنْ اَشُقَّ عَلَيْكَ ؕ سَتَجِدُنِيْۤ اِنْ

شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۲۷﴾ قَالَ ذٰلِكَ بَيْنِيْ وَبَيْنَكَ ؕ اَيَّمَا الْاَجَلَيْنِ

قَضَيْتُ فَلَا عُدْوَانَ عَلَيَّ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى مَا نَقُوْلُ وَكِيْلٌ ﴿۲۸﴾ ع

پوءِ (موسيٰ) ڊڄندو بچندو اُن (شهر) مان نڪتو، چيائين ته اي منهنجا پالڻهار! ظالمن جي قوم کان مون کي بچاءِ (٢١). ۽ جنهن مهل مدين (شهر) جي طرف منهن ڪيائين (تنهن مهل) چيائين ته اميد اٿم ته منهنجو پالڻهار مون کي سڌي واٽ ڏيکاريندو (٢٢). ۽ جنهن مهل مدين جي تڙ تي پهتو (تنهن مهل) اُن تي ماڻهن جي هڪ ٽولي (جانورن کي) پاڻي پياريندي ڏٺائين ۽ انهن کان سواءِ ٻه عورتون (ٻه پنهنجو ڌڻ پاڻي پيئڻ کان) جهليندڙيون ڏٺائين (موسيٰ) چيو ته اوهان جو ڇا معاملو آهي؟ چيائون ته (اسين) ايسين (پنهنجي ڌڻ کي پاڻي) نه پياريندڙيون سون، جيسين ڌنار (پنهنجا جانور پياري نه) موٽائين ۽ اسان جو پيءُ وڏو ٻڍڙو آهي (٢٣). پوءِ اُنهن (جي ڌڻ) کي پاڻي پياريائين، وري (ويهڻ لاءِ) ڇانوَ ڏانهن ڦريو، پوءِ چيائين ته، اي منهنجا پالڻهار! بيشڪ جيڪي مون ڏانهن ڇڱائيءَ مان موڪلين تنهن لاءِ آءٌ محتاج آهيان (٢٤). پوءِ منجهائئن هڪڙي لڄ سان گهمندي وٽس آئي، چيائين ته منهنجو پيءُ توکي هن لاءِ سڏي ٿو ته جيڪو اسان (جي ڌڻ) کي پاڻي پياريئي تنهن جي مزوري توکي ڏئي. پوءِ جنهن مهل وٽس آيو ۽ سڀ قصو وٽس بيان ڪيائين، (تنهن مهل شعيب) چيو ته ڊڄ نه (هاڻي) ظالم قوم کان بچي نڪتين (٢٥). منجهائئن هڪ چيو ته ابا هن کي مزور ڪري رک، ڇو ته ڀلو (نوڪر) جنهن کي مزور رکين اهو آهي جو سگهارو اعتبار جوڳو هجي (٢٦). (شعيب) چيو ته منهنجو ارادو آهي ته هنن پنهنجن ٻن ڌيئرن مان هڪڙي هن شرط تي توکي پرڻايان ته اٺ سال منهنجي مزوري ڪرين ۽ جيڪڏهن تون ڏهه (ورهيه) پورا ڪندين ته اُهو تنهنجي طرفان (احسان) آهي ۽ آءٌ تو تي (ڪا) سختي ڪرڻ نه ٿو گهران، جيڪڏهن الله گهريو ته مون کي خير خواهن مان ڏسندين (٢٧). (موسيٰ) چيو ته منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ اهو (انجام) آهي، اِنهن ٻنهي مدتن مان جيڪا ٻه پوري ڪريان ته مون تي ڪو زور بار نه هوندو ۽ جيڪي چئون ٿا، تنهن تي الله شاهد (ڪافي) آهي (٢٨).

فَلَمَّا قَضٰى مُوْسَى الْاَجَلَ وَسَارَ بِاَهْلِهٖۤ اٰنَسَ مِنْ جَانِبِ
الطُّوْرِ نَارًا ۚ قَالَ لِاَهْلِهِ امْكُثُوْۤا اِنِّیْۤ اٰنَسْتُ نَارًا لَّعَلِّیْۤ اٰتِیْكُمْ
مِّنْهَا بِخَبَرٍ اَوْ جَذْوَةٍ مِّنَ النَّارِ لَعَلَّكُمْ تَصْطَلُوْنَ ﴿٢٩﴾
فَلَمَّاۤ اَتٰىهَا نُوْدِیَ مِنْ شَاطِئِ الْوَادِ الْاَیْمَنِ فِی الْبُقْعَةِ
الْمُبٰرَكَةِ مِنَ الشَّجَرَةِ اَنْ یّٰمُوْسٰۤى اِنِّیْۤ اَنَا اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِیْنَ ﴿٣٠﴾ ۙ
وَاَنْ اَلْقِ عَصَاكَ ؕ فَلَمَّا رَاٰهَا تَهْتَزُّ كَاَنَّهَا جَآنٌّ وَّلّٰى
مُدْبِرًا وَّلَمْ یُعَقِّبْ ؕ یٰمُوْسٰۤى اَقْبِلْ وَلَا تَخَفْ قف اِنَّكَ مِنَ
الْاٰمِنِیْنَ ﴿٣١﴾ اُسْلُكْ یَدَكَ فِیْ جَیْبِكَ تَخْرُجْ بَیْضَآءَ مِنْ
غَیْرِ سُوْٓءٍ ز وَّاضْمُمْ اِلَیْكَ جَنَاحَكَ مِنَ الرَّهْبِ فَذٰنِكَ بُرْهَانٰنِ
مِنْ رَّبِّكَ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِیْنَ ﴿٣٢﴾
قَالَ رَبِّ اِنِّیْ قَتَلْتُ مِنْهُمْ نَفْسًا فَاَخَافُ اَنْ یَّقْتُلُوْنِ ﴿٣٣﴾
وَاَخِیْ هٰرُوْنُ هُوَ اَفْصَحُ مِنِّیْ لِسَانًا فَاَرْسِلْهُ مَعِیَ رِدْاً
یُّصَدِّقُنِیْۤ ز اِنِّیْۤ اَخَافُ اَنْ یُّكَذِّبُوْنِ ﴿٣٤﴾ قَالَ سَنَشُدُّ
عَضُدَكَ بِاَخِیْكَ وَنَجْعَلُ لَكُمَا سُلْطٰنًا فَلَا یَصِلُوْنَ
اِلَیْكُمَا ۚۛ بِاٰیٰتِنَا ۚۛ اَنْتُمَا وَمَنِ اتَّبَعَكُمَا الْغٰلِبُوْنَ ﴿٣٥﴾

پوءِ جنهن مهل موسيٰ (اُها) مدت پوري ڪئي ۽ پنهنجي گهروارن کي وٺي هليو، (تنهن مهل وچ رستي ۾ ڪوه) طور جي پاسي ڏانهن باهه ڏٺائين، پنهنجي گهروارن کي چيائين ته، ترسو بيشڪ مون باهه ڏٺي آهي، اميد اٿم اُتان ڪا خبر يا ڪو باهه جو ٽانڊو اوهان وٽ آڻيندس ته مَن اوهين پاڻ سيڪيو (٢٩). پوءِ جڏهن اُنهيءَ (باهه) وٽ آيو (تڏهن) ميدان جي سڄيءَ پر کان مبارڪ جاءِ ۾ وڻ مان سڏيو ويو ته، اي موسيٰ! بيشڪ آءٌ جهانن جو پالڻهار الله آهيان (٣٠). ۽ تون پنهنجي لٺ اڇل، پوءِ جنهن مهل ان کي چُرندو ڏٺائين ته ڄڻڪ اها نانگ آهي، (تنهن مهل) پٺيرو ٿي ڦريو ۽ پوئتي نه موٽيو (چيوسون ته) اي موسيٰ! اوري اچ ۽ نه ڊڄ، جو بيشڪ تون اَمن وارن مان آهين (٣١). پنهنجو هٿ گريبان ۾ وجهه ته بي عيب چمڪندڙ ٿي نڪري ۽ خوف کان (تسلي ٿيڻ لاءِ) پنهنجون ٻانهون پاڻ ڏانهن ملاءِ، پوءِ اِهي ٻئي حجتون فرعون ۽ سندس لشڪر ڏانهن تنهنجي پالڻهار (جي طرف) کان آهن، بيشڪ اُهي بدڪار ماڻهو هئا (٣٢). چيائين ته، اي منهنجا پالڻهار! بيشڪ منجهائن هڪ شخص کي مون ماريو آهي، تنهن ڪري آءٌ پنهنجي مارجڻ کان ڊڄان ٿو (٣٣). ۽ منهنجو ڀاءُ هارون مون کان (زبان جي ڪري) وڌيڪ چٽو ڳالهائيندڙ آهي، تنهن ڪري ان کي مون سان مدد ڏيندڙ ڪري موڪل ته منهنجي تصديق ڪري، ڇو ته آءٌ پنهنجي ڪوڙي ٿيڻ کان ڊڄان ٿو (٣٤). (الله) چيو ته، سگهو تنهنجا بازو تنهنجي ڀاءُ سان مضبوط ڪنداسون ۽ اوهان کي غلبو ڏينداسون، پوءِ (اُهي) اوهان ڏانهن (ايذاءُ لاءِ) پهچي نه سگهندا، اسان جي معجزن سببان، اوهين ٻئي ۽ جيڪي اوهان جي پٺيان لڳا، سي غالب رهندا (٣٥).

فَلَمَّا جَآءَهُمْ مُّوْسٰى بِاٰيٰتِنَا بَيِّنٰتٍ قَالُوْا مَا هٰذَاۤ اِلَّا سِحْرٌ
مُّفْتَرًى وَّمَا سَمِعْنَا بِهٰذَا فِیْۤ اٰبَآئِنَا الْاَوَّلِیْنَ ﴿٣٦﴾ وَقَالَ
مُوْسٰى رَبِّیْۤ اَعْلَمُ بِمَنْ جَآءَ بِالْهُدٰى مِنْ عِنْدِهٖ وَمَنْ تَكُوْنُ
لَهٗ عَاقِبَةُ الدَّارِؕ اِنَّهٗ لَا یُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٣٧﴾ وَقَالَ فِرْعَوْنُ
یٰۤاَیُّهَا الْمَلَاُ مَا عَلِمْتُ لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَیْرِیْ ۚ فَاَوْقِدْ لِیْ
یٰهَامٰنُ عَلَى الطِّیْنِ فَاجْعَلْ لِّیْ صَرْحًا لَّعَلِّیْۤ اَطَّلِعُ اِلٰۤى
اِلٰهِ مُوْسٰى ۙ وَاِنِّیْ لَاَظُنُّهٗ مِنَ الْكٰذِبِیْنَ ﴿٣٨﴾ وَاسْتَكْبَرَ
هُوَ وَجُنُوْدُهٗ فِی الْاَرْضِ بِغَیْرِ الْحَقِّ وَظَنُّوْۤا اَنَّهُمْ اِلَیْنَا
لَا یُرْجَعُوْنَ ﴿٣٩﴾ فَاَخَذْنٰهُ وَجُنُوْدَهٗ فَنَبَذْنٰهُمْ فِی الْیَمِّ ۚ
فَانْظُرْ كَیْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الظّٰلِمِیْنَ ﴿٤٠﴾ وَجَعَلْنٰهُمْ اَىِٕمَّةً
یَّدْعُوْنَ اِلَى النَّارِ ۚ وَیَوْمَ الْقِیٰمَةِ لَا یُنْصَرُوْنَ ﴿٤١﴾
وَاَتْبَعْنٰهُمْ فِیْ هٰذِهِ الدُّنْیَا لَعْنَةً ۚ وَیَوْمَ الْقِیٰمَةِ هُمْ
مِّنَ الْمَقْبُوْحِیْنَ ﴿٤٢﴾ ع وَلَقَدْ اٰتَیْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ
مِنْۢ بَعْدِ مَاۤ اَهْلَكْنَا الْقُرُوْنَ الْاُوْلٰى بَصَآىِٕرَ
لِلنَّاسِ وَهُدًى وَّرَحْمَةً لَّعَلَّهُمْ یَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٣﴾

پوءِ جنهن مهل موسيٰ اسان جي پڌرن معجزن سان وٽن آيو، (تنهن مهل) چيائون ته هي رڳو هٿرادو جادو آهي ۽ اها ڳالهه پنهنجن پهرين پيءُ ڏاڏن ۾ نه ٻڌي سون (٣٦). ۽ موسيٰ چيو ته، منهنجو پالڻهار انهيءَ کي وڌيڪ ڄاڻندو آهي، جنهن وٽائنس هدايت آندي آهي ۽ جنهن لاءِ (آخرت ۾ موچاري) عاقبت جو گهر آهي، بيشڪ ظالم نه ڇٽندا (٣٧). ۽ فرعون چيو ته، اي (منهنجا) سردارؤ! مون اوهان لاءِ پاڻ کان سواءِ ڪو ٻيو معبود نه ڄاتو آهي، پوءِ اي هامان! مون لاءِ سرن جو (ڪورو) ٻار، پوءِ مون لاءِ هڪ ماڙي ٺاهه ته مَن موسيٰ جي معبود ڏانهن نهاريان ۽ آءٌ بيشڪ کيس ڪوڙن مان ڀانيان ٿو (٣٨). ۽ اُن (فرعون) ۽ سندس لشڪرن ناحق ملڪ ۾ وڏائي ڪئي ۽ ڀانيائون ته اهي اسان ڏانهن نه موٽائبا (٣٩). پوءِ کيس ۽ سندس لشڪرن کي پڪڙيوسون، پوءِ کين سمنڊ ۾ اڇليوسون، پوءِ ڏس ته ظالمن جي پڇاڙي ڪهڙيءَ طرح ٿي! (٤٠). ۽ اسان اُهي (دوزخين جا اڳواڻ) ٺاهيا جو (ماڻهن کي) باهه ڏانهن سڏيندا هئا ۽ قيامت جي ڏينهن مدد نه ڏبن (٤١). ۽ هن دنيا ۾ لعنت سندن پوئتان لاتي سون ۽ قيامت جي ڏينهن اُهي بڇڙن مان هوندا (٤٢). ۽ بيشڪ موسيٰ کي ڪتاب ڏنوسون، اُن کان پوءِ جو پهرين جُڳن کي هلاڪ ڪيوسون جو (اُهو) ماڻهن لاءِ چٽو دليل ۽ هدايت ڪندڙ ۽ ٻاجهه هو ته مَن اُهي نصيحت وٺن (٤٣).

وَمَا كُنْتَ بِجَانِبِ الْغَرْبِيِّ اِذْ قَضَيْنَآ اِلٰى مُوْسَى الْاَمْرَ وَمَا
كُنْتَ مِنَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿۴۴﴾ وَلٰكِنَّآ اَنْشَاْنَا قُرُوْنًا فَتَطَاوَلَ عَلَيْهِمُ
الْعُمُرُ ۚ وَمَا كُنْتَ ثَاوِيًا فِيْٓ اَهْلِ مَدْيَنَ تَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِنَا ۙ
وَلٰكِنَّا كُنَّا مُرْسِلِيْنَ ﴿۴۵﴾ وَمَا كُنْتَ بِجَانِبِ الطُّوْرِ اِذْ نَادَيْنَا
وَلٰكِنْ رَّحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّآ اَتٰىهُمْ مِّنْ نَّذِيْرٍ
مِّنْ قَبْلِكَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿۴۶﴾ وَلَوْلَآ اَنْ تُصِيْبَهُمْ
مُّصِيْبَةٌ ۢ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ فَيَقُوْلُوْا رَبَّنَا لَوْلَآ اَرْسَلْتَ
اِلَيْنَا رَسُوْلًا فَنَتَّبِعَ اٰيٰتِكَ وَنَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۴۷﴾ فَلَمَّا
جَآءَهُمُ الْحَقُّ مِنْ عِنْدِنَا قَالُوْا لَوْلَآ اُوْتِيَ مِثْلَ مَآ
اُوْتِيَ مُوْسٰى ؕ اَوَلَمْ يَكْفُرُوْا بِمَآ اُوْتِيَ مُوْسٰى مِنْ قَبْلُ ۚ
قَالُوْا سِحْرٰنِ تَظٰهَرَا ۟ وَقَالُوْٓا اِنَّا بِكُلٍّ كٰفِرُوْنَ ﴿۴۸﴾
قُلْ فَاْتُوْا بِكِتٰبٍ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ هُوَ اَهْدٰى مِنْهُمَآ اَتَّبِعْهُ
اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۴۹﴾ فَاِنْ لَّمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَكَ فَاعْلَمْ اَنَّمَا
يَتَّبِعُوْنَ اَهْوَآءَهُمْ ؕ وَمَنْ اَضَلُّ مِمَّنِ اتَّبَعَ هَوٰىهُ بِغَيْرِ
هُدًى مِّنَ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۵۰﴾ ع

۽ (اي پيغمبر! تون تڏهن) اُلهندي پاسي کان نہ هئين، جڏهن موسيٰ ڏانهن وحي موڪليو سون ۽ نڪي (تون اُتي) حاضرين مان هئين (۴۴). پر ڪيترائي جُڳ (موسيٰ کان پوءِ) پيدا ڪياسون، پوءِ مٿن مدت ڊگهي گذري، ۽ نڪي (تون) مدين وارن ۾ رهندڙ هئين جو اسان جون آيتون کين پڙهي ٻڌائيئي ٿي پر اسين (پيغمبرن کي) موڪليندا رهياسون (۴۵). ۽ نڪي (تون ڪوه) طور جي پاسي هئين جڏهن (موسيٰ کي) سڏيوسون، پر تنهنجي پالڻهار جي ٻاجھ تو تي (هن لاءِ ٿي) آهي تہ تون اُنهي قوم کي ڊيڄارين، جن وٽ توکان اڳ ڪو ڊيڄاريندڙ نہ آيو تہ مَن اُهي نصيحت وٺن (۴٦). ۽ جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ سندن هٿن جيڪي اڳي موڪليو آهي، تنهن جي سبب انهن تي جڏهن مصيبت پهچي، تڏهن (متان) چون تہ اي اسان جا پالڻهار! اسان ڏانهن ڪو پيغمبر ڇو نہ موڪليئي تہ تنهنجي آيتن جا تابعدار ٿيون ها ۽ مؤمنن مان هجون ها (تہ تو کي نہ موڪليون ها) (۴۷). پوءِ جنهن مهل اسان وٽان اُنهن وٽ سچو (وحي) آيو، (تنهن مهل) چوڻ لڳا تہ، جهڙو (معجزو) موسيٰ کي ڏنو ويو، تهڙو هن پيغمبر کي ڇو نہ ڏنو ويو آهي، جيڪي اڳي موسيٰ کي ڏنو ويو، تنهن جو انڪار نہ ڪيو اٿن ڇا؟ (هاڻي) چون ٿا تہ (توريت ۽ قرآن) ٻئي هڪ جهڙا جادو آهن ۽ چون ٿا تہ اسين هر هڪ جا منڪر آهيون (۴۸). (کين) چؤ تہ جيڪڏهن سچا آهيو تہ الله وٽان ڪو ڪتاب آڻيو، جو اُهو انهن ٻنهي کان وڌيڪ سڌو رستو ڏيکاريندڙ هجي تہ ان جي تابعداري ڪريان (۴۹). پوءِ جيڪڏهن تنهنجي ڳالھ قبول نہ ڪن تہ ڄاڻ تہ اهي رڳو پنهنجن سڌن تي هلندا آهن ۽ جيڪو الله جي رستي ڏيکارڻ کان سواءِ پنهنجيءَ سڌ تي هلي، تنهن کان وڌيڪ گمراه ڪير آهي؟ بيشڪ الله ظالمن جي قوم کي سڌو رستو نہ ڏيکاريندو آهي (۵۰).

وَلَقَدْ وَصَّلْنَا لَهُمُ الْقَوْلَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ؕ﴿۵۱﴾ اَلَّذِيْنَ
اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِهٖ هُمْ بِهٖ يُؤْمِنُوْنَ ﴿۵۲﴾ وَاِذَا يُتْلٰى عَلَيْهِمْ
قَالُوْۤا اٰمَنَّا بِهٖۤ اِنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّنَاۤ اِنَّا كُنَّا مِنْ قَبْلِهٖ مُسْلِمِيْنَ ﴿۵۳﴾
اُولٰٓئِكَ يُؤْتَوْنَ اَجْرَهُمْ مَّرَّتَيْنِ بِمَا صَبَرُوْا وَيَدْرَءُوْنَ
بِالْحَسَنَةِ السَّيِّئَةَ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿۵۴﴾ وَاِذَا سَمِعُوا
اللَّغْوَ اَعْرَضُوْا عَنْهُ وَقَالُوْا لَنَاۤ اَعْمَالُنَا وَلَكُمْ اَعْمَالُكُمْ ؗ
سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ ؗ لَا نَبْتَغِى الْجٰهِلِيْنَ ﴿۵۵﴾ اِنَّكَ لَا تَهْدِىْ مَنْ
اَحْبَبْتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَهْدِىْ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَهُوَ اَعْلَمُ
بِالْمُهْتَدِيْنَ ﴿۵۶﴾ وَقَالُوْۤا اِنْ نَّتَّبِعِ الْهُدٰى مَعَكَ نُتَخَطَّفْ
مِنْ اَرْضِنَا ؕ اَوَلَمْ نُمَكِّنْ لَّهُمْ حَرَمًا اٰمِنًا يُّجْبٰۤى اِلَيْهِ ثَمَرٰتُ
كُلِّ شَىْءٍ رِّزْقًا مِّنْ لَّدُنَّا وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۵۷﴾
وَكَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَرْيَةٍ بَطِرَتْ مَعِيْشَتَهَا ۚ فَتِلْكَ مَسٰكِنُهُمْ
لَمْ تُسْكَنْ مِّنْ بَعْدِهِمْ اِلَّا قَلِيْلًا ؕ وَكُنَّا نَحْنُ الْوٰرِثِيْنَ ﴿۵۸﴾ وَ
مَا كَانَ رَبُّكَ مُهْلِكَ الْقُرٰى حَتّٰى يَبْعَثَ فِىْۤ اُمِّهَا رَسُوْلًا يَّتْلُوْا
عَلَيْهِمْ اٰيٰتِنَا ۚ وَمَا كُنَّا مُهْلِكِى الْقُرٰۤى اِلَّا وَاَهْلُهَا ظٰلِمُوْنَ ﴿۵۹﴾

۽ بيشڪ هن قرآن کي انهن لاءِ لڳولڳ موڪليوسون تہ مَنَ اُهي نصيحت وٺن (٥١). جن کي هن (قرآن) کان اڳ ڪتاب ڏنو اٿئون سي ان (قرآن) کي مڃيندا آهن (٥٢). ۽ جڏهن کين (هيءُ قرآن) پڙهي ٻڌائبو آهي، (تڏهن) چوندا آهن تہ اُن تي ايمان آندو سون، بيشڪ اهو اسان جي پالڻهار وٽان سچو آهي، بيشڪ اسين اُن (جي نازل ٿيڻ) کان اڳيئي مسلمان هئاسون (٥٣). اِهي اُهي آهن جن کي سندن اجر ٻہ ڀيرا ڏبو، انهيءَ ڪري جو صبر ڪيائون ۽ مدائيءَ کي چڱائيءَ سان ٽاريندا آهن ۽ جيڪا کين روزي ڏني اٿئون، تنهن مان خرچيندا آهن (٥٤). ۽ جڏهن ڪا بيهودي ڳالھ ٻڌندا آهن (تڏهن) اُن کان منهن موڙيندا آهن ۽ چوندا آهن تہ اسان جا عمل اسان لاءِ آهن ۽ اوهان جا عمل اوهان لاءِ آهن، اوهان تي سلام هجي، (اسين) جاهلن (جي سنگت) کي نہ ٿا گهرون (٥٥). (اي پيغمبر!) بيشڪ تون جنهن کي گهرين تنهن کي هدايت ڪري نہ ٿو سگهين، پر الله جنهن کي گهرندو آهي، تنهن کي هدايت ڪندو آهي ۽ اُهو هدايت وارن کي چڱيءَ طرح ڄاڻندو آهي (٥٦). ۽ (ڪي) چوندا آهن تہ جيڪڏهن تو ساڻ هدايت جي تابعداري ڪنداسون تہ پنهنجي ملڪ مان ترڇجي ويندا سون. ڪين حرم ۾ امن سان نہ ٽڪايوسون ڇا؟ جو ان ڏانهن سڀ ڪنهن جنس جو ميوو پاڻ وٽان روزيءَ طرح پهچائبو آهي، پر انهن مان گهڻا (ماڻهو) نہ ڄاڻندا آهن (٥٧). ۽ ڳوٺن مان ڪيترائي ويران ڪيا سون، جي پنهنجي گذران ۾ حد کان لنگهيا هئا، پوءِ اهي سندن رهڻ جون جايون آهن، انهن کان پوءِ ڪن ٿورڙن (وقتن) کان سواءِ (اتي) رهيو ئي ڪونہ آهي. ۽ (آخر) اسين (ئي) وارث هياسون (٥٨). ۽ (اي پيغمبر!) تنهنجو پالڻهار ڳوٺن کي (ايسين) ڪڏهن ناس ڪرڻ وارو نہ آهي، جيسين اُن جي ڪنهن وڏي شهر ۾ ڪو پيغمبر (نہ) موڪلي، جو اسان جون آيتون کين پڙهي ٻڌائي ۽ ڳوٺن کي ڪڏهن بہ ناس ڪرڻ وارا نہ آهيون، سواءِ اِنهيءَ حالت جي جو سندن رهڻ وارا ظالم هجن (٥٩).

وَمَآ اُوْتِيْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَمَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَزِيْنَتُهَا ۚ وَمَا
عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ وَّاَبْقٰى ۭ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ۝۶۰ اَفَمَنْ وَّعَدْنٰهُ وَعْدًا
حَسَنًا فَهُوَ لَاقِيْهِ كَمَنْ مَّتَّعْنٰهُ مَتَاعَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ثُمَّ هُوَ
يَوْمَ الْقِيٰمَةِ مِنَ الْمُحْضَرِيْنَ ۝۶۱ وَيَوْمَ يُنَادِيْهِمْ فَيَقُوْلُ اَيْنَ
شُرَكَآءِيَ الَّذِيْنَ كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ ۝۶۲ قَالَ الَّذِيْنَ حَقَّ عَلَيْهِمُ
الْقَوْلُ رَبَّنَا هٰٓؤُلَآءِ الَّذِيْنَ اَغْوَيْنَا ۚ اَغْوَيْنٰهُمْ كَمَا غَوَيْنَا ۚ تَبَرَّاْنَآ
اِلَيْكَ ۡ مَا كَانُوْٓا اِيَّانَا يَعْبُدُوْنَ ۝۶۳ وَقِيْلَ ادْعُوْا شُرَكَآءَكُمْ
فَدَعَوْهُمْ فَلَمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَهُمْ وَرَاَوُا الْعَذَابَ ۚ لَوْ اَنَّهُمْ
كَانُوْا يَهْتَدُوْنَ ۝۶۴ وَيَوْمَ يُنَادِيْهِمْ فَيَقُوْلُ مَاذَآ اَجَبْتُمُ
الْمُرْسَلِيْنَ ۝۶۵ فَعَمِيَتْ عَلَيْهِمُ الْاَنْۢبَآءُ يَوْمَىِٕذٍ فَهُمْ لَا
يَتَسَآءَلُوْنَ ۝۶۶ فَاَمَّا مَنْ تَابَ وَاٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا فَعَسٰٓى اَنْ
يَّكُوْنَ مِنَ الْمُفْلِحِيْنَ ۝۶۷ وَرَبُّكَ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ وَيَخْتَارُ ۭ مَا
كَانَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ ۭ سُبْحٰنَ اللّٰهِ وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ۝۶۸ وَرَبُّكَ يَعْلَمُ
مَا تُكِنُّ صُدُوْرُهُمْ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ۝۶۹ وَهُوَ اللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۭ لَهُ
الْحَمْدُ فِي الْاُوْلٰى وَالْاٰخِرَةِ ۡ وَلَهُ الْحُكْمُ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ۝۷۰

۽ هر جنس مان جيڪي اوهان کي ڏنو ويو آهي، سو دنيا جي حياتيءَ جو سامان ۽ سندس سينگار آهي ۽ جيڪي الله وٽ آهي، سو ڀلو اهي ۽ سدائين رهڻ وارو آهي، پوءِ ڇو نہ سمجھ رکندا آهيو؟ (٦٠). ڀلا جنهن کي انجام چڱو ڏنوسون پوءِ اهو ان کي ملڻ وارو آهي، سو اِنهي جھڙو آهي ڇا، جنهن کي رڳو دنيا جي حياتيءَ جي سامان سان خوشحال ڪيو سون، وري اهو قيامت جي ڏينهن (عذاب ۾) حاضر ڪيلن مان هجي؟ (٦١). ۽ جنهن ڏينهن (الله) کين سڏي چوندو تہ، منهنجا اُهي شريڪ ڪٿي آهن، جن کي اوهين (مون جھڙو) ڀائيندا هيؤ؟ (٦٢). (اُن ڏينهن) جن تي عذاب (جو حڪم) لازم ٿي چڪو هوندو، سي چوندا تہ اي اسان جا پالڻهار! هي اُهي آهن جن کي گمراه ڪيوسون، جھڙا پاڻ گمراهہ ٿيا سون تهڙو کين (بہ) ڪيو سون، (هاڻي سيني کان) تنهنجي آڏو بيزار ٿيون ٿا، اُهي اسان کي نہ پوڄيندا هئا (٦٣). ۽ چيو ويندو تہ پنهنجن شريڪن کي سڏيو. پوءِ کين سڏيندا تہ (اُهي) کين ورندي نہ ڏيندا ۽ عذاب ڏسندا، (تڏهن سڌ ڪندا تہ) جيڪر اُهي (دنيا ۾) هدايت وارا هجن ها! (٦٤). ۽ جنهن ڏينهن (الله) کين سڏيندو، پوءِ چوندو تہ اوهان پيغمبرن کي ڪهڙي ورندي ڏني؟ (٦٥). پوءِ اُن ڏينهن (سڀ) ڳالهيون کين ڀلجي وينديون، پوءِ اُهي پاڻ ۾ (بہ) نہ پڇندا (٦٦). پوءِ جنهن توبه ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا، سو اميد آهي تہ ڇٽلن مان ٿيندو (٦٧). ۽ (اي پيغمبر!) تنهنجو پالڻهار جيڪي گھرندو آهي، سو خلقيندو آهي ۽ (جنهن کي گھرندو آهي تنهن کي) چونڊيندو آهي، انهن کي ڪو اختيار ڪونهي. الله کي پاڪائي آهي ۽ جنهن کي ساڻس شريڪ مقرر ڪندا آهن، تنهن کان تمام مٿاهون آهي (٦٨). ۽ سندن سينا جيڪي لڪائيندا آهن ۽ جيڪي پڌرو ڪندا آهن، سو تنهنجو پالڻهار ڄاڻندو آهي (٦٩). ۽ اهو الله آهي ان کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق نہ آهي. دنيا ۽ آخرت ۾ سندس ساراه آهي ۽ سندس ئي حڪومت اهي ۽ ڏانهس اوهان کي موٽائبو (٧٠).

قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ جَعَلَ اللّٰهُ عَلَيْكُمُ الَّيْلَ سَرْمَدًا اِلٰى يَوْمِ
الْقِيٰمَةِ مَنْ اِلٰهٌ غَيْرُ اللّٰهِ يَاْتِيْكُمْ بِضِيَآءٍ ؕ اَفَلَا تَسْمَعُوْنَ ﴿٧١﴾
قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ جَعَلَ اللّٰهُ عَلَيْكُمُ النَّهَارَ سَرْمَدًا اِلٰى يَوْمِ
الْقِيٰمَةِ مَنْ اِلٰهٌ غَيْرُ اللّٰهِ يَاْتِيْكُمْ بِلَيْلٍ تَسْكُنُوْنَ فِيْهِ ؕ اَفَلَا
تُبْصِرُوْنَ ﴿٧٢﴾ وَمِنْ رَّحْمَتِهٖ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ لِتَسْكُنُوْا
فِيْهِ وَلِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٧٣﴾ وَيَوْمَ
يُنَادِيْهِمْ فَيَقُوْلُ اَيْنَ شُرَكَآءِىَ الَّذِيْنَ كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ ﴿٧٤﴾
وَنَزَعْنَا مِنْ كُلِّ اُمَّةٍ شَهِيْدًا فَقُلْنَا هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ
فَعَلِمُوْۤا اَنَّ الْحَقَّ لِلّٰهِ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ع ﴿٧٥﴾
اِنَّ قَارُوْنَ كَانَ مِنْ قَوْمِ مُوْسٰى فَبَغٰى عَلَيْهِمْ ۪ وَاٰتَيْنٰهُ
مِنَ الْكُنُوْزِ مَاۤ اِنَّ مَفَاتِحَهٗ لَتَنُوْۤاُ بِالْعُصْبَةِ اُولِى الْقُوَّةِ ق
اِذْ قَالَ لَهٗ قَوْمُهٗ لَا تَفْرَحْ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْفَرِحِيْنَ ﴿٧٦﴾
وَابْتَغِ فِيْمَاۤ اٰتٰىكَ اللّٰهُ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ وَلَا تَنْسَ نَصِيْبَكَ
مِنَ الدُّنْيَا وَاَحْسِنْ كَمَاۤ اَحْسَنَ اللّٰهُ اِلَيْكَ وَلَا تَبْغِ
الْفَسَادَ فِى الْاَرْضِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٧٧﴾

(ڪين) چؤ تہ ڏسو تہ سهي، جيڪڏهن الله اوهان تي قيامت جي ڏينهن تائين هميشہ رات (قائم) ڪري ڇڏي تہ الله کان سواءِ (ٻيو) ڪهڙو معبود آهي جو اوهان وٽ سوجهرو آڻيندو؟ پوءِ نہ ٻڌندا آهيو ڇا؟ (٧١). (ڪين) چؤ تہ، ڏسو تہ سهي، جيڪڏهن الله اوهان تي قيامت جي ڏينهن توڻي هميشہ ڏينهن (قائم) ڪري ڇڏي تہ الله کان سواءِ (ٻيو) ڪهڙو معبود آهي، جو اوهان وٽ رات آڻيندو، جنهن ۾ اوهين آرام وٺو؟ پوءِ اوهين نہ ٿا ڏسو ڇا؟ (٧٢). ۽ پنهنجيءَ ٻاجھ سان اوهان لاءِ رات ۽ ڏينهن بڻايائين تہ (اوهين) منجهس آرام وٺو ۽ سندس فضل مان (روزي) طلب ڪريو تہ مَنَ اوهين شڪرانو ڪريو (٧٣). ۽ جنهن ڏينهن (الله) کين سڏي چوندو تہ اهي منهنجا شريڪ ڪٿي آهن، جن کي اوهين (مون جهڙو) ڀائيندا هيؤ؟ (٧٤). ۽ هر هڪ ٽوليءَ مان هڪ شاهد جدا ڪنداسون ۽ چونداسون تہ پنهنجو دليل پيش ڪريو، پوءِ (اُهي) ڄاڻندا تہ بيشڪ حق الله جي پاسي آهي ۽ جيڪو ٺاهہ ٺاهيندا هئا سو کانئن ڀلي ويندو (٧٥). بيشڪ قارون موسىٰ جي قوم مان هو، پوءِ مٿن بغاوت ڪرڻ لڳو ۽ کيس خزانن مان ايترو ڏنو هيوسون، جو سندس ڪنجين سگھ واري ٽوليءَ کي ٿڪايو ٿي، جڏهن سندس قوم کيس چيو تہ (مال ڏسي) نہ آڪڙ چو تہ الله آڪڙ ڪندڙن کي پسند نہ ڪندو آهي (٧٦). ۽ الله توکي جيڪي ڏنو آهي، تنهن سان آخرت جي گهر جي ڀلائي طلب ڪر ۽ دنيا مان پنهنجو (نيڪ عمل ڪرڻ جو) حصو نہ وسار ۽ جهڙيءَ طرح الله تو سان چڱائي ڪئي آهي، تهڙيءَ طرح (تون سندس خلق سان) چڱائي ڪر ۽ زمين ۾ فساد وجهڻ نہ گهر، ڇو تہ الله فساد ڪرڻ وارن کي پسند نہ ڪندو آهي (٧٧).

قَالَ اِنَّمَآ اُوْتِيْتُهٗ عَلٰى عِلْمٍ عِنْدِيْ ؕ اَوَلَمْ يَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ قَدْ
اَهْلَكَ مِنْ قَبْلِهٖ مِنَ الْقُرُوْنِ مَنْ هُوَ اَشَدُّ مِنْهُ قُوَّةً وَّاَكْثَرُ
جَمْعًا ؕ وَلَا يُسْـَٔلُ عَنْ ذُنُوْبِهِمُ الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٧٨﴾ فَخَرَجَ عَلٰى قَوْمِهٖ
فِيْ زِيْنَتِهٖ ؕ قَالَ الَّذِيْنَ يُرِيْدُوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا يٰلَيْتَ لَنَا
مِثْلَ مَآ اُوْتِيَ قَارُوْنُ ۙ اِنَّهٗ لَذُوْ حَظٍّ عَظِيْمٍ ﴿٧٩﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ
اُوْتُوا الْعِلْمَ وَيْلَكُمْ ثَوَابُ اللّٰهِ خَيْرٌ لِّمَنْ اٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا ۚ
وَلَا يُلَقّٰىهَآ اِلَّا الصّٰبِرُوْنَ ﴿٨٠﴾ فَخَسَفْنَا بِهٖ وَبِدَارِهِ الْاَرْضَ ۫ فَمَا
كَانَ لَهٗ مِنْ فِئَةٍ يَّنْصُرُوْنَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۗ وَمَا كَانَ مِنَ
الْمُنْتَصِرِيْنَ ﴿٨١﴾ وَاَصْبَحَ الَّذِيْنَ تَمَنَّوْا مَكَانَهٗ بِالْاَمْسِ يَقُوْلُوْنَ
وَيْكَاَنَّ اللّٰهَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ وَيَقْدِرُ ۚ
لَوْلَآ اَنْ مَّنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا لَخَسَفَ بِنَا ؕ وَيْكَاَنَّهٗ لَا يُفْلِحُ
الْكٰفِرُوْنَ ﴿٨٢﴾ ع تِلْكَ الدَّارُ الْاٰخِرَةُ نَجْعَلُهَا لِلَّذِيْنَ لَا
يُرِيْدُوْنَ عُلُوًّا فِي الْاَرْضِ وَلَا فَسَادًا ؕ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿٨٣﴾
مَنْ جَآءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ خَيْرٌ مِّنْهَا ۚ وَمَنْ جَآءَ بِالسَّيِّئَةِ فَلَا
يُجْزَى الَّذِيْنَ عَمِلُوا السَّيِّاٰتِ اِلَّا مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٨٤﴾

(قارون) چيو تہ اهو (گهڻو مال) تہ رڳو هڪ هنر سان، جو مون وٽ آهي، مون کي مليو آهي. نہ ڄاتو هئائين ڇا تہ بيشڪ الله کانئس اڳ (اُهي) ڪيترائي جُڳ ناس ڪري ڇڏيا هئا، جيڪي کانئس ڏاڍيءَ سگهہ وارا ۽ وڏي جماعت وارا هئا ۽ ڏوهارين کان سندن ڏوهن بابت (عذر) نہ پڇبو (٧٨). پوءِ (هڪ ڏينهن) پنهنجي قوم جي سامهون پنهنجي سينگار سان نڪتو، جيڪي دنيا جي حياتي گهرندا هئا، تن چيو تہ هئہ ارمان! اهڙو (مال جيڪر) اسان کي (بہ) هجي ها جهڙوڪ قارون کي ڏنو ويو آهي، بيشڪ اُهو وڏي نصيب وارو آهي (٧٩). ۽ جن کي علم ڏنو ويو تن چيو تہ اوهان لاءِ ويل هجي! الله جو ثواب انهيءَ ماڻهوءَ لاءِ ڀلو آهي، جنهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا، اها (ڳالهہ) صابرن کان سواءِ (ٻئي) ڪنهن جي دل ۾ نہ گهرندي آهي (٨٠). پوءِ کيس ۽ سندس گهر کي زمين ۾ ڳهايوسون، پوءِ الله کان سواءِ ڪا ٽولي ان لاءِ ڪانہ هئي، جا کيس مدد ڏئي ۽ نڪي پاڻ وير وٺڻ وارن مان هو (٨١). ۽ جن ڪالهہ سندس مرتبي جي سڌ ٿي ڪئي سي صبح جو چوڻ لڳا تہ، عجب آهي تہ الله پنهنجن ٻانهن مان جنهن لاءِ گهرندو آهي (تنهن جي) روزي ڪشادي ڪندو آهي ۽ تنگ (بہ) ڪندو آهي، جيڪڏهن الله اسان تي احسان نہ ڪري ها تہ اسان کي (بہ زمين ۾) ڳهائي ڇڏي ها! نہ ڄاتو اٿيئي تہ ڪافرن کي ڇوٽڪارو نہ آهي؟ (٨٢). اِهو آخرت جو گهر آهي، جنهن کي اسان انهن لاءِ مقرر ڪيو آهي، جيڪي ملڪ ۾ وڏائي ڪرڻ نہ گهرندا آهن ۽ نڪي فساد وجهڻ (گهرندا آهن) ۽ (چڱي) عاقبت پرهيزگارن لاءِ آهي (٨٣). جيڪو چڱائي آڻيندو تنهن لاءِ اُن کان ڀَلو (بدلو) آهي ۽ جي ڪو مدائي آڻيندو تہ مدائين ڪرڻ وارا رڳو اُها سزا لهندا جيڪي ڪيائون ٿي (٨٤).

اِنَّ الَّذِیْ فَرَضَ عَلَیْكَ الْقُرْاٰنَ لَرَآدُّكَ اِلٰی مَعَادٍؕ
قُلْ رَّبِّیْۤ اَعْلَمُ مَنْ جَآءَ بِالْهُدٰی وَمَنْ هُوَ فِیْ ضَلٰلٍ
مُّبِیْنٍ ﴿۸۵﴾ وَمَا كُنْتَ تَرْجُوْۤا اَنْ یُّلْقٰۤی اِلَیْكَ الْكِتٰبُ
اِلَّا رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُوْنَنَّ ظَهِیْرًا لِّلْكٰفِرِیْنَ ﴿۸۶﴾ۡ
وَلَا یَصُدُّنَّكَ عَنْ اٰیٰتِ اللّٰهِ بَعْدَ اِذْ اُنْزِلَتْ اِلَیْكَ
وَادْعُ اِلٰی رَبِّكَ وَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُشْرِكِیْنَ ﴿۸۷﴾ۚ وَلَا تَدْعُ
مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ ۘ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۟ كُلُّ شَیْءٍ هَالِكٌ اِلَّا
وَجْهَهٗ ؕ لَهُ الْحُكْمُ وَاِلَیْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿۸۸﴾ؑ

## سُوْرَةُ الْعَنْكَبُوْتِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ
الٓمّٓ ﴿۱﴾ۚ اَحَسِبَ النَّاسُ اَنْ یُّتْرَكُوْۤا اَنْ یَّقُوْلُوْۤا اٰمَنَّا وَهُمْ لَا
یُفْتَنُوْنَ ﴿۲﴾ وَلَقَدْ فَتَنَّا الَّذِیْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَلَیَعْلَمَنَّ اللّٰهُ
الَّذِیْنَ صَدَقُوْا وَلَیَعْلَمَنَّ الْكٰذِبِیْنَ ﴿۳﴾ اَمْ حَسِبَ الَّذِیْنَ
یَعْمَلُوْنَ السَّیِّاٰتِ اَنْ یَّسْبِقُوْنَا ؕ سَآءَ مَا یَحْكُمُوْنَ ﴿۴﴾ مَنْ كَانَ
یَرْجُوْا لِقَآءَ اللّٰهِ فَاِنَّ اَجَلَ اللّٰهِ لَاٰتٍ ؕ وَهُوَ السَّمِیْعُ الْعَلِیْمُ ﴿۵﴾

بيشڪ جنهن (الله) تو تي قرآن نازل ڪيو، سو موٽڻ جي جاءِ (آخرت) ڏانهن توکي ضرور موٽائڻ وارو آهي (اي پيغمبر! ڪين) چؤ ته جنهن هدايت آندي، تنهن کي منهنجو پالڻهار چڱو ڄاڻندڙ آهي ۽ اُنهيءَ کي به جيڪو پڌريءَ گمراهيءَ ۾ آهي (٨٥). ۽ توکي ڪو آسرو نه هو ته تو ڏانهن (هيءُ) ڪتاب لاهبو، پر تنهنجي پالڻهار جي ٻاجھ سان (لاٿو ويو) پوءِ ڪافرن جو مددگار هرگز نه ٿج (٨٦). ۽ (اي پيغمبر!) توکي الله جي آيتن (جي پهچائڻ) کان، اُن کان بعد جو تو ڏانهن موڪليو ويون، (ڪافر) نه جهلين ۽ پنهنجي پالڻهار ڏانهن (ماڻهن کي) سڏ ۽ مشرڪن مان ڪڏهن نه ٿيءُ (٨٧). ۽ الله سان ڳڏ ٻئي ڪنهن کي معبود (سمجهي) نه سڏ، اُن کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق نه آهي، سندس ذات کان سواءِ سڀڪا شيءِ ناس ٿيڻ واري آهي، سڀ حڪم اُن جو ئي آهي ۽ ڏانهس موٽايا ويندؤ (٨٨).

**سورة عنڪبوت مڪي آهي ۽ هن ۾ اُڻهتر آيتون ۽ ست رڪوع آهي.**

**الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)**

الم (١). ماڻهن ڀانيو آهي ڇا ته سندن (رڳو ايتري) چوڻ تي ته ايمان آندوسون، اُهي ڇڏي ڏبا ۽ اُهي نه آزمائبا؟ (٢). ۽ جيڪي کانئن اڳ هئا، تن کي بيشڪ پرکيوسون. پوءِ جيڪي سچا آهن، تن کي الله ضرور ڌار ڪندو ۽ ڪوڙن کي (به) ضرور ڌار ڪندو (٣). جيڪي بڇڙايون ڪن ٿا، تن ڀانيو آهي ڇا ته اسان کان اڳي نڪري ويندا؟ جيڪو فيصلو ڪن ٿا، سو بڇڙو آهي (٤). جيڪو الله جي ملڻ جي اميد رکندو آهي، سو (سمجهي) ته بيشڪ الله جي ٺهرايل مدت ضرور اچڻي آهي، ۽ اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٥).

وَمَنْ جٰهَدَ فَاِنَّمَا یُجَاهِدُ لِنَفْسِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَغَنِیٌّ عَنِ
الْعٰلَمِیْنَ ﴿۶﴾ وَالَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَنُكَفِّرَنَّ
عَنْهُمْ سَیِّاٰتِهِمْ وَلَنَجْزِیَنَّهُمْ اَحْسَنَ الَّذِیْ كَانُوْا یَعْمَلُوْنَ ﴿۷﴾
وَوَصَّیْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَیْهِ حُسْنًا ؕ وَاِنْ جٰهَدٰكَ
لِتُشْرِكَ بِیْ مَا لَیْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ فَلَا تُطِعْهُمَا ؕ اِلَیَّ
مَرْجِعُكُمْ فَاُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۸﴾ وَالَّذِیْنَ اٰمَنُوْا
وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَنُدْخِلَنَّهُمْ فِی الصّٰلِحِیْنَ ﴿۹﴾ وَمِنَ
النَّاسِ مَنْ یَّقُوْلُ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ فَاِذَاۤ اُوْذِیَ فِی اللّٰهِ جَعَلَ
فِتْنَةَ النَّاسِ كَعَذَابِ اللّٰهِ ؕ وَلَىِٕنْ جَآءَ نَصْرٌ مِّنْ رَّبِّكَ
لَیَقُوْلُنَّ اِنَّا كُنَّا مَعَكُمْ ؕ اَوَلَیْسَ اللّٰهُ بِاَعْلَمَ بِمَا فِیْ صُدُوْرِ
الْعٰلَمِیْنَ ﴿۱۰﴾ وَلَیَعْلَمَنَّ اللّٰهُ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَلَیَعْلَمَنَّ
الْمُنٰفِقِیْنَ ﴿۱۱﴾ وَقَالَ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِیْنَ اٰمَنُوا اتَّبِعُوْا
سَبِیْلَنَا وَلْنَحْمِلْ خَطٰیٰكُمْ ؕ وَمَا هُمْ بِحٰمِلِیْنَ مِنْ خَطٰیٰهُمْ
مِّنْ شَیْءٍ ؕ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿۱۲﴾ وَلَیَحْمِلُنَّ اَثْقَالَهُمْ وَاَثْقَالًا مَّعَ
اَثْقَالِهِمْ ؗ وَلَیُسْـَٔلُنَّ یَوْمَ الْقِیٰمَةِ عَمَّا كَانُوْا یَفْتَرُوْنَ ﴿۱۳﴾ ع

۽ جيڪو (الله جي دين لاءِ) ڪوشش ڪري سو رڳو پنهنجي لاءِ ئي ڪوشش ٿو ڪري، ڇو ته الله جهانن کان بي پرواه آهي (٦). ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا، تن کان سندن مدايون ضرور ميٽينداسون ۽ جيڪي ڪندا هئا، تنهن جو ڪين ڏاڍو چڱو بدلو ڏينداسون (٧). ۽ ماڻهوءَ کي پنهنجي ماءُ پيءُ سان چڱائيءَ ڪرڻ جو حڪم ڪيو سون، ۽ (اي ماڻهو!) جيڪڏهن (اُهي) مون سان ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ جي لاءِ توکي مجبور ڪن، جنهن (جي حقيقت) جي توکي ڪا ڄاڻپ نه آهي، ته انهن جو چيو نه مڃ. اوهان جو مون ڏانهن موٽڻ آهي، تنهن ڪري جيڪي ڪندا هيؤ، تنهن جي اوهان کي سُڌ ڏيندس (٨). ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا، تن کي صالحن (جي ٽوليءَ) ۾ ضرور داخل ڪنداسون (٩). ۽ ماڻهن مان ڪي (اهڙا) آهن، جي چوندا آهن، ته الله تي ايمان آندو اٿئون. پوءِ جڏهن الله (جي واٽ) ۾ ان کي (ڪو) ايذاءُ پهچايو ويندو آهي، (تڏهن) ماڻهن جي ايذائن کي الله جي عذاب وانگر سمجهندو آهي ۽ جيڪڏهن تنهنجي پالڻهار وٽان ڪا مدد ايندي آهي ته چوندا آهن ته، بيشڪ اسين اوهان ساڻ هياسون. جيڪي جهان (وارن) جي دلين ۾ آهي سو الله چڱيءَ طرح ڄاڻندو نه آهي ڇا؟ (١٠). ۽ جن ايمان آندو آهي، تن کي الله ضرور ڏار ڪندو ۽ منافقن کي به ضرور ڏار ڪندو (١١). ۽ ڪافر مؤمنن کي چون ٿا ته، (اوهين) اسان جي واٽ جي تابعداري ڪريو ۽ (اسين) اوهان جون مدايون کڻنداسين. حالانڪ اُهي سندن مداين مان ڪجهه به کڻڻ وارا نه آهن. بيشڪ اهي ڪوڙا آهن (١٢). ۽ پنهنجون (گناهَن جون) ڳنڍڙيون ۽ (ٻيون ڪيئي) ڳنڍڙيون پنهنجي گناهَن سان ضرور کڻندا ۽ جيڪو ناحق ٺاهيندا آهن، تنهن بابت قيامت جي ڏينهن ضرور پُڇيا ويندا (١٣).

وَلَقَدۡ اَرۡسَلۡنَا نُوۡحًا اِلٰى قَوۡمِهٖ فَلَبِثَ فِيۡهِمۡ اَلۡفَ سَنَةٍ
اِلَّا خَمۡسِيۡنَ عَامًا ؕ فَاَخَذَهُمُ الطُّوۡفَانُ وَهُمۡ ظٰلِمُوۡنَ ﴿۱۴﴾
فَاَنۡجَيۡنٰهُ وَاَصۡحٰبَ السَّفِيۡنَةِ وَجَعَلۡنٰهَاۤ اٰيَةً لِّلۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۱۵﴾
وَاِبۡرٰهِيۡمَ اِذۡ قَالَ لِقَوۡمِهِ اعۡبُدُوا اللّٰهَ وَاتَّقُوۡهُ ؕ ذٰلِكُمۡ
خَيۡرٌ لَّكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۱۶﴾ اِنَّمَا تَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ
دُوۡنِ اللّٰهِ اَوۡثَانًا وَّتَخۡلُقُوۡنَ اِفۡكًا ؕ اِنَّ الَّذِيۡنَ
تَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ لَا يَمۡلِكُوۡنَ لَكُمۡ رِزۡقًا فَابۡتَغُوۡا
عِنۡدَ اللّٰهِ الرِّزۡقَ وَاعۡبُدُوۡهُ وَاشۡكُرُوۡا لَهٗ ؕ اِلَيۡهِ
تُرۡجَعُوۡنَ ﴿۱۷﴾ وَاِنۡ تُكَذِّبُوۡا فَقَدۡ كَذَّبَ اُمَمٌ مِّنۡ
قَبۡلِكُمۡ ؕ وَمَا عَلَى الرَّسُوۡلِ اِلَّا الۡبَلٰغُ الۡمُبِيۡنُ ﴿۱۸﴾
اَوَلَمۡ يَرَوۡا كَيۡفَ يُبۡدِئُ اللّٰهُ الۡخَلۡقَ ثُمَّ يُعِيۡدُهٗ ؕ
اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيۡرٌ ﴿۱۹﴾ قُلۡ سِيۡرُوۡا فِى الۡاَرۡضِ
فَانۡظُرُوۡا كَيۡفَ بَدَاَ الۡخَلۡقَ ثُمَّ اللّٰهُ يُنۡشِئُ
النَّشۡاَةَ الۡاٰخِرَةَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ۚ ﴿۲۰﴾
يُعَذِّبُ مَنۡ يَّشَآءُ وَيَرۡحَمُ مَنۡ يَّشَآءُ ۚ وَاِلَيۡهِ تُقۡلَبُوۡنَ ﴿۲۱﴾

۽ بيشڪ نوح کي سندس قوم ڏانهن موڪليوسون، پوءِ پنجاھ ورهيه گهٽ (هڪ) هزار سال منجهن رهيو. پوءِ کين طوفان پڪڙيو ۽ اُهي ظالم هئا (١۴). پوءِ کيس ۽ ٻيڙيءَ وارن کي (ٻڏڻ کان) بچايوسون ۽ اُن (ٻيڙيءَ) کي جهان (وارن) لاءِ نشاني ڪيو سون (١٥). ۽ ابراهيم کي (موڪليوسون) جڏهن پنهجيءَ قوم کي چيائين ته الله جي عبادت ڪريو ۽ کانئس ڊڄو، اِهو اوهان لاءِ ڀلو آهي، جيڪڏهن اوهين ڄاڻندا آهيو (١٦). اوهين ته الله کان سواءِ بتن کي پوڄيندا آهيو ۽ اوهين (ڪوڙو) ناهه ناهيندا آهيو، بيشڪ الله کان سواءِ جن کي پوڄيندا آهيو، سي اوهان کي روزي (ڏيڻ) جا (ڪي) مالڪ نه آهن، تنهن ڪري الله وٽان روزي طلب ڪريو ۽ سندس عبادت ڪريو ۽ سندس شڪرانو ڪريو، ڏانهس موٽايا ويندؤ (١٧). ۽ جيڪڏهن ڪوڙو ڀانيو ٿا ته (ڇا ٿيو؟) بيشڪ اوهان کان اڳ (ڪيترين) اُمتن (پهنجن پيغمبرن کي) ڪوڙو ڀانيو هو ۽ پيغمبر تي پڌري پيغام پهچائڻ کان سواءِ (ٻيو ڪجهه رکيل) نه آهي (١٨). نه ڏٺو اٿن، ڇا؟ ته الله خلق کي ڪهڙيءَ طرح نئين سر بڻائيندو آهي. وري ان کي ٻيهر بڻائيندو، بيشڪ اِهو (ڪم) الله تي آسان آهي (١٩). (کين) چؤ ته، ملڪ ۾ گهمو، پوءِ نظر ڪريو ته الله ڪيئن نئين سر خلق کي پيدا ڪيو، وري اُن پيدا ڪيل کي الله ٻيهر پيدا ڪندو. ڇو ته الله سيڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي (٢٠). جنهن کي وٽيس تنهن کي عذاب ڪري ۽ جنهن کي وٽيس تنهن تي رحم ڪري ۽ (اوهين) ڏانهس موٽايا ويندؤ (٢١).

وَمَآ اَنۡتُمۡ بِمُعۡجِزِيۡنَ فِى الۡاَرۡضِ وَلَا فِى السَّمَآءِ‌ۚ وَمَا
لَكُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مِنۡ وَّلِىٍّ وَّلَا نَصِيۡرٍ ﴿٢٢﴾ وَالَّذِيۡنَ
كَفَرُوۡا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَلِقَآئِهٖۤ اُولٰٓئِكَ يَئِسُوۡا مِنۡ رَّحۡمَتِىۡ
وَاُولٰٓئِكَ لَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿٢٣﴾ فَمَا كَانَ جَوَابَ قَوۡمِهٖۤ
اِلَّاۤ اَنۡ قَالُوا اقۡتُلُوۡهُ اَوۡ حَرِّقُوۡهُ فَاَنۡجٰهُ اللّٰهُ مِنَ النَّارِ‌ؕ
اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوۡمٍ يُّؤۡمِنُوۡنَ ﴿٢٤﴾ وَقَالَ اِنَّمَا اتَّخَذۡتُمۡ
مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ اَوۡثَانًا ۙ مَّوَدَّةَ بَيۡنِكُمۡ فِى الۡحَيٰوةِ
الدُّنۡيَا‌ ۚ ثُمَّ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ يَكۡفُرُ بَعۡضُكُمۡ بِبَعۡضٍ
وَّيَلۡعَنُ بَعۡضُكُمۡ بَعۡضًا وَّمَاۡوٰٮكُمُ النَّارُ وَمَا لَـكُمۡ
مِّنۡ نّٰصِرِيۡنَ ﴿٢٥﴾ فَاٰمَنَ لَهٗ لُوۡطٌ‌ ۘ وَقَالَ اِنِّىۡ مُهَاجِرٌ
اِلٰى رَبِّىۡ‌ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الۡعَزِيۡزُ الۡحَكِيۡمُ ﴿٢٦﴾ وَوَهَبۡنَا لَهٗۤ اِسۡحٰقَ
وَيَعۡقُوۡبَ وَجَعَلۡنَا فِىۡ ذُرِّيَّتِهِ النُّبُوَّةَ وَالۡكِتٰبَ
وَاٰتَيۡنٰهُ اَجۡرَهٗ فِى الدُّنۡيَا‌ ۚ وَاِنَّهٗ فِى الۡاٰخِرَةِ لَمِنَ
الصّٰلِحِيۡنَ ﴿٢٧﴾ وَلُوۡطًا اِذۡ قَالَ لِقَوۡمِهٖۤ اِنَّكُمۡ لَتَاۡتُوۡنَ
الۡفَاحِشَةَ مَا سَبَقَكُمۡ بِهَا مِنۡ اَحَدٍ مِّنَ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿٢٨﴾

۽ اوهين نڪي زمين ۾ ۽ نڪي آسمان ۾ عاجز ڪرڻ وارا آهيو ۽ اوهان جو الله کان سواءِ نه ڪو سجڻ ۽ نه ڪو مددگار آهي (٢٢). ۽ جن الله جي آيتن ۽ سندس ملڻ جو انڪار ڪيو سي منهنجي ٻاجھ کان نااميد ٿيا آهن ۽ انهن لاءِ ئي ڏکوئيندڙ عذاب آهي (٢٣). پوءِ ابراهيم جي قوم جي ورندي هن چوڻ کان سواءِ (ٻي) ڪانه هئي ته ان کي ڪهو يا ان کي ساڙيو، پوءِ الله کيس باھ کان بچايو. بيشڪ هن (احوال) ۾ مڃيندڙ قوم لاءِ وڏيون نشانيون آهن (٢٤).۽ (ابراهيم) چيو ته، اوهان دنيا جي حياتيءَ ۾ رڳو پاڻ ۾ دوستيءَ جي ڪري الله کان سواءِ بتن کي اختيار ڪيو آهي، وري قيامت جي ڏينهن اوهين هڪ ٻئي جو انڪار ڪندؤ ۽ اوهان مان هڪڙا ٻين تي لعنت ڪندا ۽ اوهان جي جاءِ دوزخ آهي ۽ اوهان جو ڪوبه مددگار نه آهي (٢٥). پوءِ ابراهيم تي لوط ايمان آندو ۽ ابراهيم چيو ته، بيشڪ آءٌ پنهنجي پالڻهار ڏانهن وطن ڇڏڻ وارو آهيان، بيشڪ اهو غالب حڪمت وارو آهي (٢٦). ۽ ان کي اسحاق ۽ يعقوب بخشيوسون ۽ سندس اولاد ۾ پيغمبري ۽ ڪتاب مقرر ڪيوسون ۽ کيس دنيا ۾ سندس اجر ڏنوسون ۽ بيشڪ اُهو آخرت ۾ (به) صالحن مان آهي (٢٧). ۽ لوط کي (پيغمبر ڪري موڪليوسون) جڏهن پنهنجيءَ قوم کي چيائين ته، اوهين اُهو بي حيائيءَ جو ڪم ڪندا آهيو، جو جهان وارن مان ڪنهن هڪ (به) اُهو اوهان کان اڳ نه ڪيو آهي (٢٨).

أَئِنَّكُمْ لَتَأْتُونَ الرِّجَالَ وَتَقْطَعُونَ السَّبِيلَ ۙ وَتَأْتُونَ
فِي نَادِيكُمُ الْمُنْكَرَ ۖ فَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهِ إِلَّا أَنْ قَالُوا
ائْتِنَا بِعَذَابِ اللَّهِ إِنْ كُنْتَ مِنَ الصَّادِقِينَ ﴿٢٩﴾ قَالَ رَبِّ
انْصُرْنِي عَلَى الْقَوْمِ الْمُفْسِدِينَ ﴿٣٠﴾ وَلَمَّا جَاءَتْ رُسُلُنَا
إِبْرَاهِيمَ بِالْبُشْرَىٰ ۙ قَالُوا إِنَّا مُهْلِكُو أَهْلِ هَٰذِهِ
الْقَرْيَةِ ۖ إِنَّ أَهْلَهَا كَانُوا ظَالِمِينَ ﴿٣١﴾ قَالَ إِنَّ فِيهَا
لُوطًا ۚ قَالُوا نَحْنُ أَعْلَمُ بِمَنْ فِيهَا ۖ لَنُنَجِّيَنَّهُ وَأَهْلَهُ
إِلَّا امْرَأَتَهُ كَانَتْ مِنَ الْغَابِرِينَ ﴿٣٢﴾ وَلَمَّا أَنْ جَاءَتْ
رُسُلُنَا لُوطًا سِيءَ بِهِمْ وَضَاقَ بِهِمْ ذَرْعًا وَقَالُوا
لَا تَخَفْ وَلَا تَحْزَنْ ۖ إِنَّا مُنَجُّوكَ وَأَهْلَكَ إِلَّا
امْرَأَتَكَ كَانَتْ مِنَ الْغَابِرِينَ ﴿٣٣﴾ إِنَّا مُنْزِلُونَ عَلَىٰ أَهْلِ
هَٰذِهِ الْقَرْيَةِ رِجْزًا مِنَ السَّمَاءِ بِمَا كَانُوا يَفْسُقُونَ ﴿٣٤﴾
وَلَقَدْ تَرَكْنَا مِنْهَا آيَةً بَيِّنَةً لِقَوْمٍ يَعْقِلُونَ ﴿٣٥﴾ وَإِلَىٰ
مَدْيَنَ أَخَاهُمْ شُعَيْبًا فَقَالَ يَا قَوْمِ اعْبُدُوا اللَّهَ وَ
ارْجُوا الْيَوْمَ الْآخِرَ وَلَا تَعْثَوْا فِي الْأَرْضِ مُفْسِدِينَ ﴿٣٦﴾

ڇا اوهين نرن ڏانهن (شهوت سان) ويندا آهيو ۽ واٽ تي ڦر ڪندا آهيو ۽ پنهنجن مجلس ۾ بد ڪم ڪندا آهيو؟ پوءِ سندس قوم جي ورندي هن چوڻ کان سواءِ نہ هئي تہ جيڪڏهن سچن مان آهين تہ الله جو عذاب اسان وٽ آڻ (٢٩). (لوط) چيو تہ اي منهنجا پالڻهار! مون کي فسادين جي قوم تي مدد ڏي (٣٠). ۽ جنهن مهل اسان جي قاصدن (ملائڪن) ابراهيم وٽ خوشخبري آندي (تنهن مهل) چيائون تہ اسين هن ڳوٺ وارن کي ناس ڪرڻ وارا آهيون، ڇو تہ اتي رهڻ وارا ظالم (ٿيا) آهن (٣١). (ابراهيم) چيو تہ بيشڪ اُن ۾ لوط آهي. چيائون تہ جيڪو بہ منجهس آهي، تنهن کي اسين چڱو ڄاڻندڙ آهيون، کيس ۽ سندس گهر جي ڀاتين کي ضرور بچائينداسون، سواءِ سندس زال جي جا باقي رهيلن مان ٿيندي (٣٢). ۽ جنهن مهل اسان جا قاصد لوط وٽ آيا، تنهن مهل انهن جي (اچڻ) سببان ناراض ٿيو ۽ انهن جي (اچڻ) سببان دل تنگ ٿيو ۽ (اُنهن) چيو تہ نڪي ڊڄ ۽ نڪي غمگين ٿيءُ، بيشڪ اسين تو کي ۽ تنهنجي گهر جي ڀاتين کي بچائڻ وارا آهيون، سواءِ تنهنجيءَ زال جي، جا باقي رهيلن مان ٿيندي (٣٣). بيشڪ اسين هن ڳوٺ وارن تي هڪ عذاب اِنهيءَ سببان آسمان کان لاهڻ وارا آهيون، جو بدڪار ٿيا آهن (٣٤). ۽ بيشڪ اِن ڳوٺ جي پڌري نشاني سمجهندڙ قوم لاءِ ڇڏي سون (٣٥). ۽ مديَن (وارن) ڏانهن سندن ڀاءُ شعيب کي موڪليوسون، پوءِ چيائين تہ اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو ۽ قيامت جي ڏينهن جي اميد رکو ۽ فسادي ٿي ملڪ ۾ نہ گهمو ڦرو (٣٦).

فَكَذَّبُوْهُ فَاَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَاَصْبَحُوْا فِیْ دَارِهِمْ
جٰثِمِیْنَ ﴿۳۷﴾ وَعَادًا وَّثَمُوْدَاۡ وَقَدْ تَّبَیَّنَ لَكُمْ مِّنْ مَّسٰكِنِهِمْ
وَزَیَّنَ لَهُمُ الشَّیْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ فَصَدَّهُمْ عَنِ السَّبِیْلِ
وَكَانُوْا مُسْتَبْصِرِیْنَ ﴿۳۸﴾ وَقَارُوْنَ وَفِرْعَوْنَ وَهَامٰنَ وَلَقَدْ
جَآءَهُمْ مُّوْسٰى بِالْبَیِّنٰتِ فَاسْتَكْبَرُوْا فِی الْاَرْضِ وَمَا كَانُوْا
سٰبِقِیْنَ ﴿۳۹﴾ فَكُلًّا اَخَذْنَا بِذَنْۢبِهٖ فَمِنْهُمْ مَّنْ اَرْسَلْنَا عَلَیْهِ
حَاصِبًا وَمِنْهُمْ مَّنْ اَخَذَتْهُ الصَّیْحَةُ وَمِنْهُمْ مَّنْ خَسَفْنَا
بِهِ الْاَرْضَ وَمِنْهُمْ مَّنْ اَغْرَقْنَا وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِیَظْلِمَهُمْ
وَلٰكِنْ كَانُوْۤا اَنْفُسَهُمْ یَظْلِمُوْنَ ﴿۴۰﴾ مَثَلُ الَّذِیْنَ اتَّخَذُوْا
مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْلِیَآءَ كَمَثَلِ الْعَنْكَبُوْتِ اِتَّخَذَتْ بَیْتًا وَ
اِنَّ اَوْهَنَ الْبُیُوْتِ لَبَیْتُ الْعَنْكَبُوْتِ لَوْ كَانُوْا یَعْلَمُوْنَ ﴿۴۱﴾
اِنَّ اللّٰهَ یَعْلَمُ مَا یَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ مِنْ شَیْءٍ وَهُوَ
الْعَزِیْزُ الْحَكِیْمُ ﴿۴۲﴾ وَتِلْكَ الْاَمْثَالُ نَضْرِبُهَا لِلنَّاسِ وَمَا
یَعْقِلُهَاۤ اِلَّا الْعٰلِمُوْنَ ﴿۴۳﴾ خَلَقَ اللّٰهُ السَّمٰوٰتِ وَ
الْاَرْضَ بِالْحَقِّ اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَاٰیَةً لِّلْمُؤْمِنِیْنَ ﴿۴۴﴾

پوءِ ان کي ڪوڙو ڀانيائون، تنهن ڪري کين زلزلي اچي ورتو، پوءِ پنهنجن گهرن ۾ (ئي) اونڌا ٿي (مري) پيا (٣٧). ۽ عاد ۽ ثمود کي (چٽ ڪيوسون) ۽ بيشڪ سندن گهرن مان ڪي اوهان تي ظاهر ٿي چڪا آهن ۽ شيطان انهن لاءِ سندن عمل سينگاريا هئا، پوءِ کين (سڌيءَ) واٽ کان جهليائين ۽ (اُهي) سمجھ وارا (بہ) هئا (٣٨). ۽ قارون ۽ فرعون ۽ هامان کي (بہ چٽ ڪيوسون) ۽ بيشڪ موسىٰ پڌرن معجزن سان وٽن آيو هو، پوءِ ملڪ ۾ وڏائي ڪيائون ۽ (اسان کان) اڳ ڪڍي ويندڙ نہ هئا (٣٩). پوءِ سڀ ڪنهن کي سندس گناه سببان پڪڙيوسون، پوءِ منجهائن ڪن تي سخت آنڌي موڪلي سون ۽ منجهائن ڪن کي ڪڙڪي (اچي) ورتو ۽ منجهائن ڪن کي زمين ۾ ڳهايوسون ۽ منجهائن ڪن کي ٻوڙيو سون. ۽ ڪڏهن ٺيٺو نہ هو، جو الله مٿن ظلم ڪري، پر هنن پنهنجو پاڻ تي ظلم ٿي ڪيو (٤٠). جن الله کان سواءِ (ٻيا) دوست ورتا آهن، تن جو مثال ڪوريئڙي جي مثال وانگر آهي، جنهن گهر ٺاهيو ۽ بيشڪ (سڀني) گهرن ۾ وڌيڪ هيڻو ڪوريئڙي جو گهر آهي. جيڪڏهن (اها ڳالھ) ڄاڻن ها (تہ ائين نہ ڪن ها) (٤١). بيشڪ جنهن شيءِ کي الله کان سواءِ پوڄيندا آهن، سا جيڪا بہ هجي تنهن کي الله ڄاڻندو آهي ۽ اُهو غالب حڪمت وارو آهي (٤٢). ۽ اِهي مثال آهن جن کي ماڻهن لاءِ بيان ڪندا آهيون، ۽ انهن کي ڄاڻندڙن کان سواءِ ڪو ڪونہ سمجهندو آهي (٤٣). الله آسمانن ۽ زمين کي (چڱيءَ) رٿ سان خلقيو آهي، بيشڪ ان (ڪم) ۾ مؤمنن لاءِ (وڏي) نشاني آهي (٤٤).

اُتْلُ مَآ اُوْحِیَ اِلَیْكَ مِنَ الْكِتٰبِ وَاَقِمِ الصَّلٰوةَ ؕ
اِنَّ الصَّلٰوةَ تَنْهٰی عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ ؕ وَلَذِكْرُ اللّٰهِ اَكْبَرُ ؕ
وَاللّٰهُ یَعْلَمُ مَا تَصْنَعُوْنَ ﴿۴۵﴾ وَلَا تُجَادِلُوْٓا اَهْلَ الْكِتٰبِ اِلَّا
بِالَّتِیْ هِیَ اَحْسَنُ ۗ اِلَّا الَّذِیْنَ ظَلَمُوْا مِنْهُمْ وَقُوْلُوْٓا اٰمَنَّا
بِالَّذِیْٓ اُنْزِلَ اِلَیْنَا وَاُنْزِلَ اِلَیْكُمْ وَاِلٰهُنَا وَاِلٰهُكُمْ وَاحِدٌ
وَّنَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ ﴿۴۶﴾ وَكَذٰلِكَ اَنْزَلْنَآ اِلَیْكَ الْكِتٰبَ ؕ فَالَّذِیْنَ
اٰتَیْنٰهُمُ الْكِتٰبَ یُؤْمِنُوْنَ بِهٖ ۚ وَمِنْ هٰۤؤُلَآءِ مَنْ یُّؤْمِنُ بِهٖ ؕ وَ
مَا یَجْحَدُ بِاٰیٰتِنَآ اِلَّا الْكٰفِرُوْنَ ﴿۴۷﴾ وَمَا كُنْتَ تَتْلُوْا مِنْ قَبْلِهٖ
مِنْ كِتٰبٍ وَّلَا تَخُطُّهٗ بِیَمِیْنِكَ اِذًا لَّارْتَابَ الْمُبْطِلُوْنَ ﴿۴۸﴾
بَلْ هُوَ اٰیٰتٌۢ بَیِّنٰتٌ فِیْ صُدُوْرِ الَّذِیْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ ؕ وَمَا یَجْحَدُ
بِاٰیٰتِنَآ اِلَّا الظّٰلِمُوْنَ ﴿۴۹﴾ وَقَالُوْا لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَیْهِ اٰیٰتٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ قُلْ
اِنَّمَا الْاٰیٰتُ عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَاِنَّمَآ اَنَا نَذِیْرٌ مُّبِیْنٌ ﴿۵۰﴾ اَوَلَمْ یَكْفِهِمْ اَنَّآ اَنْزَلْنَا
عَلَیْكَ الْكِتٰبَ یُتْلٰی عَلَیْهِمْ ؕ اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَرَحْمَةً وَّذِكْرٰی لِقَوْمٍ
یُّؤْمِنُوْنَ ﴿۵۱﴾ قُلْ كَفٰی بِاللّٰهِ بَیْنِیْ وَبَیْنَكُمْ شَهِیْدًا ۚ یَعْلَمُ مَا فِی السَّمٰوٰتِ
وَالْاَرْضِ ؕ وَالَّذِیْنَ اٰمَنُوْا بِالْبَاطِلِ وَكَفَرُوْا بِاللّٰهِ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿۵۲﴾

(اي پيغمبر!) ڪتاب مان جيڪي تو ڏانهن وحي ڪيو ويو سو پڙهه ۽ نماز قائم ڪر، بيشڪ نماز بيحيائيءَ ۽ بري (ڪم ڪرڻ) کان جهليندي آهي ۽ بيشڪ الله جو ياد ڪرڻ (سڀ کان) وڏو آهي ۽ جيڪي ڪندا آهيو، سو الله ڄاڻيندو آهي (٤٥). ۽ ڪتاب وارن مان جن بي انصافي ڪئي تن کان سواءِ ٻين سان ڏاڍي سهڻي طريقي کان سواءِ تڪرار نه ڪريو ۽ چئو ته جيڪي اسان ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي ۽ جيڪي اوهان ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي، تنهن تي اسان ايمان آندو آهي ۽ اسان جو معبود ۽ اوهان جو معبود هڪ آهي ۽ اسين مسلمان آهيون (٤٦). ۽ (جهڙيءَ طرح اڳيان ڪتاب نازل ڪياسون) اهڙيءَ طرح اسان تو ڏانهن ڪتاب (قرآن) نازل ڪيو، پوءِ جن کي ڪتاب ڏنوسون اهي اُن کي مڃيندا آهن. ۽ انهن (عربن) مان ڪو (اهڙو آهي)، جو ان تي ايمان آڻيندو آهي. ۽ ڪافرن کان سواءِ (ٻيو) ڪو اسان جي آيتن جو انڪار نه ڪندو آهي (٤٧). ۽ اِنهيءَ (قرآن جي لهڻ) کان اڳ ڪو ڪتاب نڪي تون پڙهندو هئين ۽ نڪي اُهو پنهنجي سڄي هٿ سان لکندو هئين (جيڪڏهن لکين پڙهين ها) ته انهيءَ مهل اُهي ڪوڙا ضرور شڪ ۾ پون ها (٤٨). بلڪ اهو (قرآن) پڌريون آيتون (آهي) انهن جي سينن ۾ (محفوظ) آهي، جن کي علم ڏنو ويو آهي ۽ ظالمن کان سواءِ (ٻيو) ڪو اسان جي آيتن جو انڪار نه ڪندو آهي (٤٩). ۽ چون ٿا ته سندس پالڻهار کان مٿس معجزا ڇو نه نازل ڪيا ويا آهن؟ (ڪين) چؤ ته معجزا (ته رڳو منهنجي) الله وٽ آهن ۽ آءٌ ته رڳو پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان (٥٠). اسان تو تي ڪتاب نازل ڪيو، جو کين پڙهي ٻڌائبو آهي، سو کين ڪافي نه آهي ڇا؟ بيشڪ هن ۾ مؤمنن جي قوم لاءِ رحمت ۽ نصيحت آهي (٥١). کين چئو ته الله منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ شاهد ڪافي آهي، جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو اُهو ڄاڻندو آهي ۽ جن باطل کي مڃيو ۽ الله جو انڪار ڪيو سي ئي ٽوٽي وارا آهن (٥٢).

وَيَسْتَعْجِلُونَكَ بِالْعَذَابِ ۚ وَلَوْلَآ أَجَلٌ مُّسَمًّى لَّجَآءَهُمُ الْعَذَابُ ۚ
وَلَيَأْتِيَنَّهُم بَغْتَةً وَهُمْ لَا يَشْعُرُونَ ﴿٥٣﴾ يَسْتَعْجِلُونَكَ بِالْعَذَابِ ۚ وَ
إِنَّ جَهَنَّمَ لَمُحِيطَةٌ بِالْكَافِرِينَ ﴿٥٤﴾ يَوْمَ يَغْشَاهُمُ الْعَذَابُ مِن
فَوْقِهِمْ وَمِن تَحْتِ أَرْجُلِهِمْ وَيَقُولُ ذُوقُوا مَا كُنتُمْ تَعْمَلُونَ ﴿٥٥﴾
يَا عِبَادِيَ الَّذِينَ آمَنُوا إِنَّ أَرْضِي وَاسِعَةٌ فَإِيَّايَ فَاعْبُدُونِ ﴿٥٦﴾
كُلُّ نَفْسٍ ذَائِقَةُ الْمَوْتِ ۖ ثُمَّ إِلَيْنَا تُرْجَعُونَ ﴿٥٧﴾ وَالَّذِينَ آمَنُوا
وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ لَنُبَوِّئَنَّهُم مِّنَ الْجَنَّةِ غُرَفًا تَجْرِي مِن
تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ خَالِدِينَ فِيهَا ۚ نِعْمَ أَجْرُ الْعَامِلِينَ ﴿٥٨﴾ الَّذِينَ
صَبَرُوا وَعَلَىٰ رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُونَ ﴿٥٩﴾ وَكَأَيِّن مِّن دَابَّةٍ لَّا تَحْمِلُ
رِزْقَهَا اللَّهُ يَرْزُقُهَا وَإِيَّاكُمْ ۚ وَهُوَ السَّمِيعُ الْعَلِيمُ ﴿٦٠﴾ وَلَئِن
سَأَلْتَهُم مَّنْ خَلَقَ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضَ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ
لَيَقُولُنَّ اللَّهُ ۖ فَأَنَّىٰ يُؤْفَكُونَ ﴿٦١﴾ اللَّهُ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَن يَشَاءُ
مِنْ عِبَادِهِ وَيَقْدِرُ لَهُ ۚ إِنَّ اللَّهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيمٌ ﴿٦٢﴾ وَلَئِن
سَأَلْتَهُم مَّن نَّزَّلَ مِنَ السَّمَاءِ مَاءً فَأَحْيَا بِهِ الْأَرْضَ مِن بَعْدِ
مَوْتِهَا لَيَقُولُنَّ اللَّهُ ۚ قُلِ الْحَمْدُ لِلَّهِ ۚ بَلْ أَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُونَ ﴿٦٣﴾ ع

۽ توکان عذاب تڪڙو گهرندا آهن. ۽ جيڪڏهن (ان جي) مدت مقرر
ٿيل نہ هجي ها تہ کين عذاب ضرور پهچي ها ۽ (اُهو) مٿن پڪ اوچتو
ايندو ۽ اُهي بي خبر هوندا (٥٣). تو کان عذاب تڪڙو گهرندا آهن ۽
بيشڪ دوزخ ڪافرن کي (اُنهيءَ ڏينهن) وڪوڙيندڙ آهي (٥٤). جنهن
ڏينهن کين عذاب سندن مٿان ۽ سندن پيرن جي هيٺان ويڙهيندو ۽ (الله)
چوندو تہ جيڪي ڪندا هيؤ تنهن جو (مزو) چکو (٥٥). اي منهنجا مؤمن
ٻانهؤ! بيشڪ منهنجي زمين ويڪري آهي، تنهن ڪري خاص منهنجي
عبادت ڪريو (٥٦) هر هڪ نفس موت جو مزو چکڻ وارو آهي، وري اسان
ڏي موٽائبؤ (٥٧). ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا، تن کي ضرور
بهشت جي ماڙين ۾ ٽڪائيندا سون، جن جي هيٺان نهرون وهنديون
آهن، منجهس سدائين رهڻ ورا آهن (انهن چڱن) ڪمن ڪندڙن جي
مزوري چڱي آهي (٥٨). جن صبر ڪيو ۽ پنهنجي پالڻهار تي ڀروسو ڪندا
آهن (٥٩). ۽ ڪيترائي جانور پنهنجي روزي (ساڻ) نہ کڻندا آهن، الله انهن
کي ۽ اوهان کي روزي ڏيندو آهي، ۽ اهوئي ٻڌندڙ ڄاڻيندڙ آهي (٦٠). ۽
جيڪڏهن کانئن پڇين تہ ڪنهن آسمانن ۽ زمين کي بڻايو ۽ (ڪنهن)
سج ۽ چنڊ کي نوايو آهي؟ تہ ضرور چوندا تہ الله- پوءِ ڪيڏانهن ڦيرايا ويندا
آهن؟ (٦١). الله پنهنجي ٻانهن مان جنهن لاءِ گهري تنهن جي روزي
ڪشادي ڪندو آهي ۽ (جنهن لاءِ گهري تنهن جي) تنگ ڪندو آهي. ڇو
تہ الله هر شيءِ کي ڄاڻيندڙ آهي (٦٢). ۽ جيڪڏهن کانئن پڇين تہ
ڪنهن آسمان کان پاڻي وسايو، پوءِ ان سان زمين کي ان جي مرڻ (غير آباد
ٿيڻ) کان پوءِ جيئرو (آباد) ڪيو؟ تہ ضرور چوندا تہ الله (اي پيغمبر! کين)
چؤ تہ سڀ ساراه الله کي جڳائي، بلڪ منجهائن گهڻا نہ ڄاڻندا آهن (٦٣).

وَمَا هٰذِهِ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا لَهْوٌ وَّلَعِبٌ ؕ وَاِنَّ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ
لَهِيَ الْحَيَوَانُ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿۶۴﴾ فَاِذَا رَكِبُوْا فِي الْفُلْكِ دَعَوُا
اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ۚ۬ فَلَمَّا نَجّٰىهُمْ اِلَى الْبَرِّ اِذَا هُمْ
يُشْرِكُوْنَ ﴿۶۵﴾ ۙ لِيَكْفُرُوْا بِمَآ اٰتَيْنٰهُمْ ۚۙ وَلِيَتَمَتَّعُوْا ۫ فَسَوْفَ
يَعْلَمُوْنَ ﴿۶۶﴾ اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّا جَعَلْنَا حَرَمًا اٰمِنًا وَّيُتَخَطَّفُ النَّاسُ
مِنْ حَوْلِهِمْ ؕ اَفَبِالْبَاطِلِ يُؤْمِنُوْنَ وَبِنِعْمَةِ اللّٰهِ يَكْفُرُوْنَ ﴿۶۷﴾
وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ كَذَّبَ بِالْحَقِّ
لَمَّا جَآءَهٗ ؕ اَلَيْسَ فِيْ جَهَنَّمَ مَثْوًى لِّلْكٰفِرِيْنَ ﴿۶۸﴾ وَالَّذِيْنَ
جٰهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ لَمَعَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۶۹﴾ ع

## سُوْرَةُ الرُّوْمِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ
الٓمّٓ ﴿۱﴾ ۚ غُلِبَتِ الرُّوْمُ ﴿۲﴾ ۙ فِيْٓ اَدْنَى الْاَرْضِ وَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ
غَلَبِهِمْ سَيَغْلِبُوْنَ ﴿۳﴾ ۙ فِيْ بِضْعِ سِنِيْنَ ؕ۬ لِلّٰهِ الْاَمْرُ مِنْ
قَبْلُ وَمِنْۢ بَعْدُ ؕ وَيَوْمَئِذٍ يَّفْرَحُ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿۴﴾ ۙ
بِنَصْرِ اللّٰهِ ؕ يَنْصُرُ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿۵﴾ ۙ

۽ هيءَ دنيا جي حياتي تہ تماشي ۽ راند کان سواءِ ٻيو ڪجھ نہ آهي ۽ بيشڪ آخرت جي حويلي ئي سدائين حياتيءَ (واري) آهي. جيڪڏهن ڄاڻن ها (تہ آخرت کي دنيا کان وڌيڪ پسند ڪن ها!) (٦۴). پوءِ (اُهي) جڏهن ٻيڙين ۾ چڙهندا آهن، (تڏهن) رڳو الله کي سندس سچو اعتقاد رکندڙ ٿي سڏيندا آهن، پوءِ جڏهن کين پَر ڏانهن بچائي پهچائيندو آهي، (تڏهن) اُتي جو اُتي (هن ڪري) شرڪ ڪندا آهن (٦٥). تہ جيڪي کين ڏنو سون تنهن جي بي شڪري ڪن ۽ ٻيل تہ مزا ماڻي وٺن پوءِ سگهوئي (حال جي حقيقت) ڄاڻيندا (٦٦). نہ ڏٺائون ڇا تہ اسان (مڪي جي) حرم کي امن جي جاءِ ڪئي؟ حالانڪ سندس آس پاس کان ماڻهو اُمالڪ ڪڍجي ويندا آهن، پوءِ ڇو ڪوڙ (باطل) کي مڃيندا آهن ۽ الله جي نعمتن جو (ڇو) انڪار ڪندا آهن؟ (٦٧). ۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي، جيڪو الله تي ڪوڙو ناهہ ناهي يا جڏهن وٽس حق آيو، تڏهن ان کي ڪوڙو ڄاڻي؟ ڪافرن جي جاءِ دوزخ ۾ نہ آهي ڇا؟ (٦٨). ۽ جن اسان (جي واٽ) ۾ ڪوشش ڪئي، تن کي ضرور پنهنجون واٽون ڏيکاريندا سون ۽ بيشڪ الله ڀلارن سان گڏ آهي (٦٩).

سورة روم مڪي آهي ۽ هن ۾ سٺ آيتون ۽ ڇھ رڪوع آهن.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

الم (١). رومي هيٺا ٿيا (٢). ويجهي ملڪ ۾ ۽ اُهي پنهنجي هيٺي ٿيڻ کان پوءِ سگهوئي غالب ٿيندا (٣). ٿورن ورهين ۾- الله جي ئي (هٿ ۾) حڪومت اڳي توڙي پوءِ آهي- ۽ انهيءَ ڏينهن مؤمن خوش ٿيندا (۴). الله جي مدد سان (الله) جنهن کي گهري تنهن کي سوڀ ڏيندو آهي ۽ اهوئي غالب مهربان آهي (٥).

وَعْدَ اللّٰهِ ؕ لَا یُخْلِفُ اللّٰهُ وَعْدَهٗ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا
یَعْلَمُوْنَ ۝۶ یَعْلَمُوْنَ ظَاهِرًا مِّنَ الْحَیٰوةِ الدُّنْیَا ۚۖ وَهُمْ عَنِ
الْاٰخِرَةِ هُمْ غٰفِلُوْنَ ۝۷ اَوَلَمْ یَتَفَكَّرُوْا فِیْۤ اَنْفُسِهِمْ ۫ مَا خَلَقَ اللّٰهُ
السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَیْنَهُمَاۤ اِلَّا بِالْحَقِّ وَاَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ وَ
اِنَّ كَثِیْرًا مِّنَ النَّاسِ بِلِقَآئِ رَبِّهِمْ لَكٰفِرُوْنَ ۝۸ اَوَلَمْ یَسِیْرُوْا
فِی الْاَرْضِ فَیَنْظُرُوْا كَیْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِیْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ
كَانُوْۤا اَشَدَّ مِنْهُمْ قُوَّةً وَّاَثَارُوا الْاَرْضَ وَعَمَرُوْهَاۤ اَكْثَرَ
مِمَّا عَمَرُوْهَا وَجَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَیِّنٰتِ ؕ فَمَا كَانَ اللّٰهُ لِیَظْلِمَهُمْ
وَلٰكِنْ كَانُوْۤا اَنْفُسَهُمْ یَظْلِمُوْنَ ۝۹ ؕ ثُمَّ كَانَ عَاقِبَةَ الَّذِیْنَ
اَسَآءُوا السُّوْۤاٰۤى اَنْ كَذَّبُوْا بِاٰیٰتِ اللّٰهِ وَكَانُوْا بِهَا یَسْتَهْزِءُوْنَ ۝۱۰ ع
اَللّٰهُ یَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ یُعِیْدُهٗ ثُمَّ اِلَیْهِ تُرْجَعُوْنَ ۝۱۱ وَیَوْمَ
تَقُوْمُ السَّاعَةُ یُبْلِسُ الْمُجْرِمُوْنَ ۝۱۲ وَلَمْ یَكُنْ لَّهُمْ
مِّنْ شُرَكَآئِهِمْ شُفَعٰٓؤُا وَكَانُوْا بِشُرَكَآئِهِمْ كٰفِرِیْنَ ۝۱۳
وَیَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ یَوْمَئِذٍ یَّتَفَرَّقُوْنَ ۝۱۴ فَاَمَّا الَّذِیْنَ
اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَهُمْ فِیْ رَوْضَةٍ یُّحْبَرُوْنَ ۝۱۵

الله انجام ڪيو آهي. الله پنهنجو انجام نہ ڦيرائيندو، پر گهڻا ماڻهو نہ ڄاڻندا آهن (٦). ظاهر دنيا جي حياتيءَ جون (رٿون) ڄاڻندا آهن ۽ اُهي آخرت کان بي خبر آهن (٧). پنهنجين دلين ۾ نہ سوچيائون ڇا؟ تہ الله آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي، تنهن کي پوريءَ رٿ ۽ مقرر مدت کان سواءِ نہ بڻايو آهي ۽ بيشڪ ماڻهن مان گهڻا پنهنجي پالڻهار جي ملڻ کان منڪر آهن (٨). ملڪ ۾ نہ گهميا آهن ڇا، جو نهارين تہ جيڪي کانئن اڳ هئا تن جي پڇاڙي ڪهڙيءَ طرح ٿي؟ جي کانئن وڌيڪ سگهه وارا هئا ۽ زمين کيڙيائون ۽ اها جيڪي پاڻ آباد ڪيائون، تنهن کان وڌيڪ اُها اُنهن آباد ڪئي ۽ سندن پيغمبر وٽن معجزن سان آيا، پوءِ الله جو شان اهڙو نہ هو جو مٿن ظلم ڪري پر پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيائون ٿي (٩). وري جن بڇڙائي ڪئي، تن جي پڇاڙي بڇڙي ٿي، هن ڪري جو الله جي آيتن کي ڪوڙ ڀانيائون ۽ مٿن ٺٺوليون ڪندا هئا (١٠). الله خلق کي نئين سر بڻائي ٿو، وري ان کي ٻيهر بڻائيندو، وري ڏانهس اوهين موٽائبؤ (١١). ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي تنهن ڏينهن گنهگار نااُميد ٿيندا (١٢). ۽ (الله سان مقرر ڪيلن) سندن شريڪن مان ڪوبہ انهن کي سفارش ڪرڻ وارو نہ ٿيندو ۽ پنهنجن (ٺهرايلن) شريڪن جا منڪر ٿيندا (١٣). ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي، تنهن ڏينهن (ماڻهو) ڌارو ڌار ٿيندا (١٤). پوءِ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا سي باغن ۾ خوش ڪبا (١٥).

وَاَمَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَلِقَآئِ الْاٰخِرَةِ
فَاُولٰٓئِكَ فِى الْعَذَابِ مُحْضَرُوْنَ ﴿۱۶﴾ فَسُبْحٰنَ اللّٰهِ حِيْنَ
تُمْسُوْنَ وَحِيْنَ تُصْبِحُوْنَ ﴿۱۷﴾ وَلَهُ الْحَمْدُ فِى السَّمٰوٰتِ
وَالْاَرْضِ وَعَشِيًّا وَّحِيْنَ تُظْهِرُوْنَ ﴿۱۸﴾ يُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ
الْمَيِّتِ وَيُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ وَيُحْيِ الْاَرْضَ بَعْدَ
مَوْتِهَا ۭ وَكَذٰلِكَ تُخْرَجُوْنَ ﴿۱۹﴾ وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ اَنْ خَلَقَكُمْ مِّنْ
تُرَابٍ ثُمَّ اِذَآ اَنْتُمْ بَشَرٌ تَنْتَشِرُوْنَ ﴿۲۰﴾ وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ اَنْ خَلَقَ
لَكُمْ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ اَزْوَاجًا لِّتَسْكُنُوْٓا اِلَيْهَا وَجَعَلَ بَيْنَكُمْ
مَّوَدَّةً وَّرَحْمَةً ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿۲۱﴾
وَمِنْ اٰيٰتِهٖ خَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَاخْتِلَافُ اَلْسِنَتِكُمْ
وَاَلْوَانِكُمْ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّلْعٰلِمِيْنَ ﴿۲۲﴾ وَمِنْ اٰيٰتِهٖ
مَنَامُكُمْ بِالَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَابْتِغَآؤُكُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ۭ اِنَّ فِيْ
ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّسْمَعُوْنَ ﴿۲۳﴾ وَمِنْ اٰيٰتِهٖ يُرِيْكُمُ الْبَرْقَ
خَوْفًا وَّطَمَعًا وَّيُنَزِّلُ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَيُحْيٖ بِهِ الْاَرْضَ
بَعْدَ مَوْتِهَآ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿۲۴﴾

۽ جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ۽ قيامت جي ملڻ کي ڪوڙ ڄاتو
سي عذاب ۾ حاضر ڪيل هوندا (١٦). پوءِ جنهن مهل سانجهي ڪريو ۽
جنهن مهل صبح ڪريو، تنهن مهل الله جي پاڪائي بيان ڪيو (١٧). ۽
آسمانن ۽ زمين ۾ ان جي ساراه آهي ۽ پوئين پهر ۽ جنهن مهل منجهند
ڪريو (تنهن مهل به پاڪائي بيان ڪريو) (١٨). مئي مان جيئرو ڪڍندو
آهي ۽ جيئري مان مئو ڪڍندو آهي ۽ زمين کي ان جي مرڻ کان پوءِ
جياريندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح (اوهين قبرن مان) ڪڍبؤ (١٩). ۽ سندس
نشانين مان هيءُ آهي جو اوهان کي مٽيءَ مان بڻايائين، وري انهيءَ مهل
اوهين ماڻهو ٿي گهمو ڦرو ٿا (٢٠). ۽ سندس نشانين مان هيءُ آهي جو
اوهان جي جنس مان اوهان لاءِ زالون پيدا ڪيائين ته انهن سان آرام وٺو ۽
اوهان جي وچ ۾ پيار ۽ ٻاجه پيدا ڪيائين، بيشڪ هن ۾ انهيءَ قوم لاءِ
نشانيون آهن، جيڪي ڌيان رکندا آهن (٢١). ۽ آسمانن ۽ زمين جو بڻائڻ ۽
اوهان جي ٻولين ۽ رنگن جو قسمين قسمين هجڻ سندس نشانين مان آهي.
بيشڪ ان ۾ ڄاڻيندڙن لاءِ نشانيون آهن (٢٢). ۽ اوهان جو رات ۽ ڏينهن
۾ سمهڻ ۽ اوهان جو سندس فضل مان روزي طلب ڪرڻ سندس نشانين
مان آهي، بيشڪ هن ۾ ان قوم لاءِ نشانيون آهن، جيڪي (ڪن لائي)
ٻڌندا آهن (٢٣). ۽ سنديس نشانين مان (هيءُ به) آهي، جو اوهان کي
ڊيڄارڻ ۽ اُميد رکڻ لاءِ وڄ ڏيکاريندو آهي ۽ آسمان کان پاڻي وسائيندو
آهي، پوءِ اُن سان زمين کي اُن جي مرڻ کانپوءِ جياريندو آهي، بيشڪ هن
۾ انهيءَ قوم لاءِ نشانيون آهن، جيڪي سمجهه رکندا آهن (٢٤).

وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ اَنْ تَقُوْمَ السَّمَآءُ وَالْاَرْضُ بِاَمْرِهٖ ؕ ثُمَّ اِذَا دَعَاكُمْ
دَعْوَةً ۖ مِّنَ الْاَرْضِ ۖ اِذَآ اَنْتُمْ تَخْرُجُوْنَ ﴿۲۵﴾ وَلَهٗ مَنْ فِی
السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ كُلٌّ لَّهٗ قٰنِتُوْنَ ﴿۲۶﴾ وَهُوَ الَّذِیْ یَبْدَؤُا
الْخَلْقَ ثُمَّ یُعِیْدُهٗ وَهُوَ اَهْوَنُ عَلَیْهِ ؕ وَلَهُ الْمَثَلُ الْاَعْلٰی
فِی السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِیْزُ الْحَكِیْمُ ﴿۲۷﴾ ضَرَبَ لَكُمْ
مَّثَلًا مِّنْ اَنْفُسِكُمْ ؕ هَلْ لَّكُمْ مِّنْ مَّا مَلَكَتْ اَیْمَانُكُمْ
مِّنْ شُرَكَآءَ فِیْ مَا رَزَقْنٰكُمْ فَاَنْتُمْ فِیْهِ سَوَآءٌ تَخَافُوْنَهُمْ
كَخِیْفَتِكُمْ اَنْفُسَكُمْ ؕ كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰیٰتِ لِقَوْمٍ یَّعْقِلُوْنَ ﴿۲۸﴾
بَلِ اتَّبَعَ الَّذِیْنَ ظَلَمُوْٓا اَهْوَآءَهُمْ بِغَیْرِ عِلْمٍ ۚ فَمَنْ یَّهْدِیْ
مَنْ اَضَلَّ اللّٰهُ ؕ وَمَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِیْنَ ﴿۲۹﴾ فَاَقِمْ وَجْهَكَ
لِلدِّیْنِ حَنِیْفًا ؕ فِطْرَتَ اللّٰهِ الَّتِیْ فَطَرَ النَّاسَ عَلَیْهَا ؕ لَا
تَبْدِیْلَ لِخَلْقِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ الدِّیْنُ الْقَیِّمُ ۙ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ
النَّاسِ لَا یَعْلَمُوْنَ ﴿۳۰﴾ ۙ مُنِیْبِیْنَ اِلَیْهِ وَاتَّقُوْهُ وَاَقِیْمُوا
الصَّلٰوةَ وَلَا تَكُوْنُوْا مِنَ الْمُشْرِكِیْنَ ﴿۳۱﴾ ۙ مِنَ الَّذِیْنَ فَرَّقُوْا
دِیْنَهُمْ وَكَانُوْا شِیَعًا ؕ كُلُّ حِزْبٍ بِمَا لَدَیْهِمْ فَرِحُوْنَ ﴿۳۲﴾

۽ سندس حڪم سان آسمان ۽ زمين جو بيهڻ سنديس نشانين مان آهي.
وري جنهن مهل اوهان کي زمين مان هڪئي ڀيري سڏيو ويندو، (تنهن
مهل) جهٽ پٽ اوهين نڪرندؤ (٢٥). ۽ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو
سندس آهي، سڀئي سندس فرمانبردار آهن (٢٦). ۽ اُهو ئي آهي، جيڪو
خلق کي نئين سر بڻائيندو آهي، وري ان کي ورائي بڻائيندو ۽ اهو مٿس
بلڪل سهنجو آهي ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ سندس ئي صفت تمام مٿاهين آهي
۽ اهو غالب حڪمت وارو آهي (٢٧). (الله) اوهان لاءِ اوهان جي حال جو
هڪ مثال بيان ڪيو آهي، (ته) اوهان جا هٿ جن (ٻانهن) جا مالڪ ٿيا
آهن، سي جيڪي (مال) اوهان کي ڏنو سون تنهن ۾ اوهان جا ڪي
ڀائيوار آهن ڇا؟ جو اُهي ۽ اوهين اُن (مال) ۾ برابر (حصي وارا) هجو (۽
اوهين) اُنهن جي (ڀائيواريءَ جي دعويٰ) کان اهڙيءَ طرح ڊڄندا آهيو،
جهڙي طرح اوهان کي پاڻ جهڙن (جي ڀائيواريءَ) کان ڀؤ آهي، اهڙيطرح
انهيءَ قوم لاءِ نشانيون کولي بيان ڪندا آهيون، جيڪي سمجهه رکندا
آهن (٢٨). بلڪل ظالم اَڻ ڄاڻائيءَ سان پنهنجن سڌن جا تابعدار ٿيا
آهن، پوءِ جنهن کي الله گمراه ڪيو، تنهن کي ڪير هدايت ڪندو؟ ۽
انهن لاءِ ڪو مددگار ڪونهي (٢٩). پوءِ (اي پيغمبر!) پنهنجي منهن کي
دين لاءِ هڪ طرفو ڪري بيهار، الله جي دين جي (پيروي ڪر) جنهن تي
ماڻهن کي پيدا ڪيائين، الله جي خلقڻ کي ڪا مٽ سٽ نہ آهي، اهو ئي
سڌو دين آهي پر گهڻا ماڻهو نہ ڄاڻيندا آهن (٣٠). ڏانهنس موٽندڙ ٿي
(عبادت ڪريو) ۽ کانئس ڊڄو ۽ نماز پڙهندا رهو ۽ مشرڪن مان نہ
ٿيو (٣١). انهن مان نہ ٿيو جن پنهنجي دين کي ڌارو ڌار ڪيو ۽
ٽوليون ٽوليون ٿي ويا، سڀڪا ٽولي اُنهي تي خوش آهي، جيڪي وٽس
آهي (٣٢).

وَإِذَا مَسَّ النَّاسَ ضُرٌّ دَعَوْا رَبَّهُمْ مُنِيبِينَ إِلَيْهِ ثُمَّ إِذَا
أَذَاقَهُمْ مِنْهُ رَحْمَةً إِذَا فَرِيقٌ مِنْهُمْ بِرَبِّهِمْ يُشْرِكُونَ ﴿٣٣﴾ لِيَكْفُرُوا
بِمَا آتَيْنَاهُمْ ط فَتَمَتَّعُوا وقفة فَسَوْفَ تَعْلَمُونَ ﴿٣٤﴾ أَمْ أَنْزَلْنَا عَلَيْهِمْ سُلْطَانًا
فَهُوَ يَتَكَلَّمُ بِمَا كَانُوا بِهِ يُشْرِكُونَ ﴿٣٥﴾ وَإِذَا أَذَقْنَا النَّاسَ رَحْمَةً فَرِحُوا
بِهَا ط وَإِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌ بِمَا قَدَّمَتْ أَيْدِيهِمْ إِذَا هُمْ يَقْنَطُونَ ﴿٣٦﴾
أَوَلَمْ يَرَوْا أَنَّ اللَّهَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَشَاءُ وَيَقْدِرُ ط إِنَّ فِي
ذَٰلِكَ لَآيَاتٍ لِقَوْمٍ يُؤْمِنُونَ ﴿٣٧﴾ فَآتِ ذَا الْقُرْبَىٰ حَقَّهُ وَ
الْمِسْكِينَ وَابْنَ السَّبِيلِ ط ذَٰلِكَ خَيْرٌ لِلَّذِينَ يُرِيدُونَ وَجْهَ
اللَّهِ ز وَأُولَٰئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُونَ ﴿٣٨﴾ وَمَا آتَيْتُمْ مِنْ رِبًا لِيَرْبُوَا
فِي أَمْوَالِ النَّاسِ فَلَا يَرْبُو عِنْدَ اللَّهِ ج وَمَا آتَيْتُمْ مِنْ زَكَاةٍ
تُرِيدُونَ وَجْهَ اللَّهِ فَأُولَٰئِكَ هُمُ الْمُضْعِفُونَ ﴿٣٩﴾ اللَّهُ الَّذِي
خَلَقَكُمْ ثُمَّ رَزَقَكُمْ ثُمَّ يُمِيتُكُمْ ثُمَّ يُحْيِيكُمْ ط هَلْ مِنْ
شُرَكَائِكُمْ مَنْ يَفْعَلُ مِنْ ذَٰلِكُمْ مِنْ شَيْءٍ ط سُبْحَانَهُ وَتَعَالَىٰ عَمَّا
يُشْرِكُونَ ﴿٤٠﴾ ع ظَهَرَ الْفَسَادُ فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ بِمَا كَسَبَتْ أَيْدِي
النَّاسِ لِيُذِيقَهُمْ بَعْضَ الَّذِي عَمِلُوا لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُونَ ﴿٤١﴾

۽ جڏهن ماڻهن کي ڪا تڪليف پهچندي آهي، (تڏهن) پنهنجي پالڻهار ڏانهن متوجه ٿي ڪيس سڏيندا آهن، وري جڏهن اهو پاڻ وٽان ڪين ٻاجهه چکائيندو آهي، (تڏهن) انهيءَ ئي مهل منجهائن ڪا ٽولي پنهنجي پالڻهار سان (هن لاءِ) شريڪ بڻائيندي آهي (٣٣). ته جيڪي ڪين ڏنو سون تنهن جي بي شڪري ڪن، پوءِ مزا ماڻي وٺو، پوءِ سگهوئي (حال حقيقت) ڄاڻندؤ (٣٤). مٿن ڪا سند لاٿي سون ڇا؟ جو اُنهيءَ (شيءِ) جي (سچائي) بابت ڳالهائي ٿي، جنهن شيءِ کي الله سان شريڪ ڪندا آهن (٣٥). ۽ جڏهن ماڻهن کي ٻاجهه چکائيندا آهيون (تڏهن) ان سان سرها ٿيندا آهن ۽ جيڪڏهن انهيءَ سببان جو سندس هٿن (مدايون) اڳي موڪليون ڪين ڪو ڏک پهچندو آهي ته انهيءَ ئي مهل نا اميد ٿيندا آهن (٣٦). نه ڏٺو اٿن ڇا؟ ته الله جنهن لاءِ گهرندو آهي، تنهن جي روزي ڪشادي ڪندو آهي ۽ (جنهن لاءِ گهرندو آهي، تنهن جي) گهٽ ڪندو آهي. بيشڪ هن ۾ مڃيندڙ قوم لاءِ نشانيون آهن (٣٧). تنهن ڪري مائٽيءَ واري ۽ مسڪين ۽ مسافر کي، سندس حق ڏي اِهو اُنهن لاءِ ڀلو آهي، جيڪي الله جو راضپو گهرندا آهن ۽ اِهي ئي ڇوٽڪاري وارا آهن (٣٨). ۽ وياج مان جيڪي ڏنو هجيوَ ته ماڻهن جي مال ۾ وڌي سو الله وٽ نه وڌندو ۽ الله جو راضپو گهرندڙ ٿي زڪواة مان جيڪي ڏنو هجيوَ، پوءِ اِهي ئي (پنهنجي مال کي الله وٽ) ڀيڻو ڪندڙ آهن (٣٩). الله اُهو آهي جنهن اوهان کي بڻايو، وري اوهان کي روزي ڏنائين وري اوهان کي ماريندو، وري اوهان کي جياريندو. اوهان جي (ٺهرايل) شريڪن مان ڪو اهڙو آهي ڇا، جو اهڙن ڪمن مان ڪجهه ڪري (سگهي)؟ الله پاڪ آهي ۽ ان ڪان تمام مٿاهون آهي، جنهن کي (ساڻس) شريڪ ٺهرائيندا آهن (٤٠). ماڻهن جي هٿن جي ڪئي سببان بَر ۽ بحر ۾ فساد هن لاءِ پڌرو ٿيو آهي ته، جيڪي (مدا ڪم) ڪيائون تنهن جي ڪجهه (سزا) ڪين چکائي ته مَنَ اُهي موٽن (٤١).

قُلْ سِيرُوا فِي الْأَرْضِ فَانْظُرُوا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِينَ
مِنْ قَبْلُ ۚ كَانَ أَكْثَرُهُمْ مُشْرِكِينَ ﴿٤٢﴾ فَأَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّينِ
الْقَيِّمِ مِنْ قَبْلِ أَنْ يَأْتِيَ يَوْمٌ لَا مَرَدَّ لَهُ مِنَ اللَّهِ يَوْمَئِذٍ
يَصَّدَّعُونَ ﴿٤٣﴾ مَنْ كَفَرَ فَعَلَيْهِ كُفْرُهُ ۖ وَمَنْ عَمِلَ صَالِحًا
فَلِأَنْفُسِهِمْ يَمْهَدُونَ ﴿٤٤﴾ لِيَجْزِيَ الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا
الصَّالِحَاتِ مِنْ فَضْلِهِ ۚ إِنَّهُ لَا يُحِبُّ الْكَافِرِينَ ﴿٤٥﴾ وَمِنْ آيَاتِهِ
أَنْ يُرْسِلَ الرِّيَاحَ مُبَشِّرَاتٍ وَلِيُذِيقَكُمْ مِنْ رَحْمَتِهِ وَلِتَجْرِيَ
الْفُلْكُ بِأَمْرِهِ وَلِتَبْتَغُوا مِنْ فَضْلِهِ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُونَ ﴿٤٦﴾ وَ
لَقَدْ أَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ رُسُلًا إِلَىٰ قَوْمِهِمْ فَجَاءُوهُمْ
بِالْبَيِّنَاتِ فَانْتَقَمْنَا مِنَ الَّذِينَ أَجْرَمُوا ۚ وَكَانَ حَقًّا
عَلَيْنَا نَصْرُ الْمُؤْمِنِينَ ﴿٤٧﴾ اللَّهُ الَّذِي يُرْسِلُ الرِّيَاحَ
فَتُثِيرُ سَحَابًا فَيَبْسُطُهُ فِي السَّمَاءِ كَيْفَ يَشَاءُ وَيَجْعَلُهُ
كِسَفًا فَتَرَى الْوَدْقَ يَخْرُجُ مِنْ خِلَالِهِ ۖ فَإِذَا أَصَابَ بِهِ
مَنْ يَشَاءُ مِنْ عِبَادِهِ إِذَا هُمْ يَسْتَبْشِرُونَ ﴿٤٨﴾ وَإِنْ
كَانُوا مِنْ قَبْلِ أَنْ يُنَزَّلَ عَلَيْهِمْ مِنْ قَبْلِهِ لَمُبْلِسِينَ ﴿٤٩﴾

چؤ تہ ملڪ ۾ گھمو، پوءِ ڏسو تہ جيڪي اڳ ھئا تن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي؟ منجھانئن گھڻا مشرڪ ھئا (٤٢). پوءِ پنھنجي منھن کي ان ڏينھن جي اچڻ کان اڳ سڌي دين لاءِ بيھار! جو الله وٽان اُن (ڏينھن) کي رد ٿيڻو نہ آھي، اُن ڏينھن (ماڻھو) الڳ الڳ ٿيندا (٤٣). جيڪو ڪافر ٿيو تنھن تي سندس ڪفر آھي ۽ جن چڱا ڪم ڪيا سي پاڻ لاءِ ھنڌ وڇائين ٿا (٤٤). تہ جن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا تن کي (الله) پنھنجي فضل سان بدلو ڏئي، بيشڪ اُھو ڪافرن کي دوست نہ رکندو آھي (٤٥). ۽ سندس نشانين مان ھيءُ آھي تہ خوشخبري ڏيندڙ ھيرون گُھلائيندو آھي ۽ تہ اوھان کي پنھنجي ڪجھ ٻاجھ چکائي ۽ تہ سندس حڪم سان ٻيڙيون ترن ۽ تہ سندس فضل مان (روزي) طلب ڪريو ۽ تہ مَنَ اوھين شڪرانو ڪريو (٤٦). ۽ بيشڪ تو کان اڳ گھڻن پيغمبرن کي سندس قوم ڏانھن موڪليو سون، پوءِ وٽن معجزن سان آيا، پوءِ جن نافرماني ڪئي، تن کان بدلو ورتو سون ۽ مؤمنن کي سوڀارو ڪرڻ اسان تي حق آھي (٤٧). الله اُھو آھي جيڪو وائن کي موڪليندو آھي، پوءِ (اُھي) ڪڪر کي ڪڻنديون آھن، پو جيئن (الله) گھرندو آھي، تيئن آسمان ۾ اُن (ڪڪر) کي ڪنڊائيندو آھي، پوءِ اُن کي تَھ تَھ ڪندو آھي، پوءِ (تون) ڦڙين کي ڏسندو آھين، جو اُن (ڪڪر) جي وچ مان نڪرنديون آھن، پوءِ جڏھن پنھنجن ٻانھن مان جنھن تي وٽندو اٿس، تنھن تي اُھو (مينھن) پھچائيندو آھي، (تڏھن) اُنھيءَ ئي مھل اُھي خوش ٿيندا آھن (٤٨). ۽ جيتوڻيڪ اڳ اُن (مينھن) جي مٿن وسائجڻ کان اڳيئي نااُميد ٿيندڙ ھئا (٤٩).

فَانْظُرْ اِلٰٓى اٰثٰرِ رَحْمَتِ اللّٰهِ كَيْفَ يُحْيِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ؕ
اِنَّ ذٰلِكَ لَمُحْيِ الْمَوْتٰى ۚ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۵۰﴾ وَلَئِنْ
اَرْسَلْنَا رِيْحًا فَرَاَوْهُ مُصْفَرًّا لَّظَلُّوْا مِنْۢ بَعْدِهٖ يَكْفُرُوْنَ ﴿۵۱﴾ فَاِنَّكَ
لَا تُسْمِعُ الْمَوْتٰى وَلَا تُسْمِعُ الصُّمَّ الدُّعَآءَ اِذَا وَلَّوْا مُدْبِرِيْنَ ﴿۵۲﴾
وَمَآ اَنْتَ بِهٰدِ الْعُمْيِ عَنْ ضَلٰلَتِهِمْ ؕ اِنْ تُسْمِعُ اِلَّا مَنْ يُّؤْمِنُ
بِاٰيٰتِنَا فَهُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿۵۳﴾ اَللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ ضُعْفٍ
ثُمَّ جَعَلَ مِنْۢ بَعْدِ ضُعْفٍ قُوَّةً ثُمَّ جَعَلَ مِنْۢ بَعْدِ قُوَّةٍ
ضُعْفًا وَّشَيْبَةً ؕ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ۚ وَهُوَ الْعَلِيْمُ الْقَدِيْرُ ﴿۵۴﴾
وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ يُقْسِمُ الْمُجْرِمُوْنَ ۙ۬ مَا لَبِثُوْا غَيْرَ سَاعَةٍ ؕ
كَذٰلِكَ كَانُوْا يُؤْفَكُوْنَ ﴿۵۵﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ وَ
الْاِيْمَانَ لَقَدْ لَبِثْتُمْ فِيْ كِتٰبِ اللّٰهِ اِلٰى يَوْمِ الْبَعْثِ ۫ فَهٰذَا
يَوْمُ الْبَعْثِ وَلٰكِنَّكُمْ كُنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۵۶﴾ فَيَوْمَئِذٍ لَّا يَنْفَعُ
الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مَعْذِرَتُهُمْ وَلَا هُمْ يُسْتَعْتَبُوْنَ ﴿۵۷﴾ وَلَقَدْ
ضَرَبْنَا لِلنَّاسِ فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ ؕ وَلَئِنْ جِئْتَهُمْ
بِاٰيَةٍ لَّيَقُوْلَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا مُبْطِلُوْنَ ﴿۵۸﴾

پوءِ الله جي ٻاجھ جي نشانين ڏانهن نهار تہ ڪهڙيءَ طرح زمين کي سندس مرڻ کانپوءِ جياري ٿو. بيشڪ اُهو (الله) مُئن کي ضرور جيارڻ وارو آهي ۽ اُهو (الله) سڀڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي (٥٠). ۽ جيڪڏهن ڪو واءُ (جو جهولو) گهلايون (جو ان کي سڪائي ڇڏي) پوءِ اُن (پوک) کي هيڊو ٿيندو ڏسن تہ ان کان پوءِ بي شڪري ڪرڻ لڳندا آهن (٥١). پوءِ (اي پيغمبر!) تون سڏ نڪي مُئن کي ٻڌائي سگهندين ۽ نڪي ٻوڙن کي ٻڌائي سگهندين، جڏهن تہ اُهي پٺي ڏيئي منهن ڦيرائين (٥٢). ۽ نڪي تون انڌن کي سندن گمراهيءَ کان (روڪي) سڌو رستو ڏيکاريندڙ آهين. تون تہ رڳو اُنهن کي ٻڌائي سگهندين جن اسان جي آيتن تي ايمان آندو آهي، پوءِ اُهي مسلمان بہ آهن (٥٣). الله اهو آهي، جنهن اوهان کي (پهرين) ڪمزور (شيءِ) مان خلقيو آهي، وري هيڻائيءَ کان پوءِ (اوهان ۾) سگهہ پيدا ڪيائين، وري سگهہ کان پوءِ (اوهان کي) هيڻائي ۽ ٻڍائي ڏنائين. جو گهرندو آهي، سو خلقيندو آهي ۽ اهو ڄاڻندڙ وس وارو آهي (٥٤). ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي (تنهن ڏينهن) گنهگار قسم کڻندا تہ (دنيا ۾) هڪ گهڙيءَ کان سواءِ (وڌيڪ) نہ رهيا هئا (سون)- اهڙيءَ طرح (رستي کان) ڦيرايا ويندا هئا (٥٥). ۽ جن کي علم ۽ ايمان ڏنو ويو آهي، سي ڪين چوندا تہ الله جي ڪتاب ۾ لکيئي موافق جيئري ٿي اُٿڻ جي ڏينهن توڻي (دنيا ۾) رهيا آهيو، پوءِ هيءُ جيئري ٿي اٿڻ جو ڏينهن آهي، پر اوهين نہ ڄاڻندا هيؤ (٥٦). پوءِ اُن ڏينهن ظالمن کي سندن عذر ڪرڻ فائدو نہ ڏيندو ۽ نڪي انهن کان توبھ طلب ڪبي (٥٧). ۽ بيشڪ ماڻهن لاءِ هن قرآن ۾ هر طرح جا مثال بيان ڪياسون. ۽ جيڪڏهن وٽن ڪا نشاني (تون) آڻين تہ ڪافر ضرور چوندا تہ اوهين رڳو ڪوڙا آهيو (٥٨).

كَذٰلِكَ يَطْبَعُ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝٥٩ فَاصْبِرْ
اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّلَا يَسْتَخِفَّنَّكَ الَّذِيْنَ لَا يُوْقِنُوْنَ ۝٦٠

## سُوْرَةُ لُقْمٰنَ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝
الٓمّٓ ۝١ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْحَكِيْمِ ۝٢ هُدًى وَّرَحْمَةً لِّلْمُحْسِنِيْنَ ۝٣
الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ
يُوْقِنُوْنَ ۝٤ اُولٰٓئِكَ عَلٰى هُدًى مِّنْ رَّبِّهِمْ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۝٥
وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْتَرِيْ لَهْوَ الْحَدِيْثِ لِيُضِلَّ عَنْ سَبِيْلِ
اللّٰهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۖ وَّيَتَّخِذَهَا هُزُوًا ۗ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ۝٦
وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِ اٰيٰتُنَا وَلّٰى مُسْتَكْبِرًا كَاَنْ لَّمْ يَسْمَعْهَا كَاَنَّ
فِيْٓ اُذُنَيْهِ وَقْرًا ۚ فَبَشِّرْهُ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ۝٧ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا
الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ جَنّٰتُ النَّعِيْمِ ۝٨ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۗ وَعْدَ اللّٰهِ حَقًّا ۗ
وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ۝٩ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ بِغَيْرِ عَمَدٍ تَرَوْنَهَا وَاَلْقٰى
فِى الْاَرْضِ رَوَاسِيَ اَنْ تَمِيْدَ بِكُمْ وَبَثَّ فِيْهَا مِنْ كُلِّ دَآبَّةٍ ۗ
وَاَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا مِنْ كُلِّ زَوْجٍ كَرِيْمٍ ۝١٠

اهـڙيءَ طـرح جيـڪي نہ ڄاڻـنـدا آهـن، تن جي دلين تي الله مهر هڻندو آهي (٥٩). پوءِ (اي پيغمبر!) صبر ڪر، ڇو تہ الله جو وعدو سچو آهي ۽ جيڪي يقين نہ رکندا آهن، سي توکي هلڪو نہ سمجهن (٦٠).

**سورة لقمان مڪي آهي ۽ هن ۾ چوٽيهہ آيتون ۽ چار رڪوع آهن.**

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

الم (١). هي آيتون حڪمت واري ڪتاب جون آهن (٢). (جو) هدايت ۽ ٻاجهہ اُنهن ڀلارن لاءِ آهي (٣). جيڪي نماز پڙهندا آهن ۽ زڪواة ڏيندا آهن ۽ اُهي آخرت جو ويساهہ (بہ) رکندا آهن (٤). اهي پنهنجي پالڻهار جي سڌي رستي تي آهن ۽ اِهي ئي ڇوٽڪاري وارا آهن (٥). ۽ ماڻهن مان ڪو (اهڙو) آهي جو بيهوديءَ ڳالهہ کي ڳنهندو آهي تہ (ماڻهن کي) اڻڄاڻائيءَ سان الله جي واٽ کان ڀُلائي ۽ اُن (واٽ) کي ٺٺولي ڪري وٺي، اِنهن لاءِ ئي خواريءَ وارو عذاب آهي (٦). ۽ جڏهن اسان جون آيتون کيس پڙهي ٻڌائبيون آهن، (تڏهن) هٺيلو ٿي مُنهن ڦيرائيندو آهي، ڄڻڪ اُنهن کي ٻڌو ئي نہ هوائين، ڄڻڪ سندس ٻنهي ڪنن ۾ ڳهبرائي آهي، تنهن ڪري کيس ڏکوئيندڙ عذاب جي خبر ڏي (٧). بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ نعمت وارا باغ آهن (٨). منجهن سدائين رهڻ وارا آهن (اهو) الله جو پڪو انجام ڏنل آهي ۽ اهو غالب حڪمت وارو آهي (٩). آسمانن کي ري ٿنڀن بڻايائين، جو کين ڏسو ٿا. ۽ زمين ۾ جبل وڌائين تہ متان اوهان کي ڏوڏي ۽ منجهس هر جنس جا جانور پکيڙيائين ۽ آسمان کان پاڻي وسايوسون، پوءِ منجهس سـنـا هـر جنس جا اوبڙ ڄمايا سون (١٠).

هٰذَا خَلْقُ اللّٰهِ فَاَرُوْنِیْ مَاذَا خَلَقَ الَّذِیْنَ مِنْ دُوْنِهٖ ؕ بَلِ
الظّٰلِمُوْنَ فِیْ ضَلٰلٍ مُّبِیْنٍ ﴿١١﴾ وَلَقَدْ اٰتَیْنَا لُقْمٰنَ الْحِكْمَةَ اَنِ اشْكُرْ
لِلّٰهِ ؕ وَمَنْ یَّشْكُرْ فَاِنَّمَا یَشْكُرُ لِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ كَفَرَ فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِیٌّ
حَمِیْدٌ ﴿١٢﴾ وَاِذْ قَالَ لُقْمٰنُ لِابْنِهٖ وَهُوَ یَعِظُهٗ یٰبُنَیَّ لَا تُشْرِكْ بِاللّٰهِ ؕ
اِنَّ الشِّرْكَ لَظُلْمٌ عَظِیْمٌ ﴿١٣﴾ وَوَصَّیْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَیْهِ ۚ حَمَلَتْهُ
اُمُّهٗ وَهْنًا عَلٰی وَهْنٍ وَّفِصٰلُهٗ فِیْ عَامَیْنِ اَنِ اشْكُرْ لِیْ وَلِوَالِدَیْكَ ؕ
اِلَیَّ الْمَصِیْرُ ﴿١٤﴾ وَاِنْ جٰهَدٰكَ عَلٰۤی اَنْ تُشْرِكَ بِیْ مَا لَیْسَ لَكَ
بِهٖ عِلْمٌ فَلَا تُطِعْهُمَا وَصَاحِبْهُمَا فِی الدُّنْیَا مَعْرُوْفًا ۫ وَّاتَّبِعْ
سَبِیْلَ مَنْ اَنَابَ اِلَیَّ ۚ ثُمَّ اِلَیَّ مَرْجِعُكُمْ فَاُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ
تَعْمَلُوْنَ ﴿١٥﴾ یٰبُنَیَّ اِنَّهَاۤ اِنْ تَكُ مِثْقَالَ حَبَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ
فَتَكُنْ فِیْ صَخْرَةٍ اَوْ فِی السَّمٰوٰتِ اَوْ فِی الْاَرْضِ یَاْتِ بِهَا
اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَطِیْفٌ خَبِیْرٌ ﴿١٦﴾ یٰبُنَیَّ اَقِمِ الصَّلٰوةَ وَاْمُرْ
بِالْمَعْرُوْفِ وَانْهَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَاصْبِرْ عَلٰی مَاۤ اَصَابَكَ ؕ
اِنَّ ذٰلِكَ مِنْ عَزْمِ الْاُمُوْرِ ﴿١٧﴾ ۚ وَلَا تُصَعِّرْ خَدَّكَ لِلنَّاسِ وَلَا
تَمْشِ فِی الْاَرْضِ مَرَحًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا یُحِبُّ كُلَّ مُخْتَالٍ فَخُوْرٍ ﴿١٨﴾ ۚ

اِها الله جي بڻاوت آهي، پوءِ مونکي ڏيکاريو ته جيڪي اُن (الله) کان سواءِ (ٻيا) آهن، تن ڇا بڻايو آهي؟ بلڪ ظالم پڌريءَ ڀُل ۾ آهن (١١). ۽ بيشڪ لقمان کي حڪمت ڏني سون (چيو سون) ته الله جو شڪر ڪر ۽ جيڪو شڪر ڪندو سو رڳو پنهنجي جيءَ (جي نفع) لاءِ شڪر ڪندو ۽ جيڪو بي شڪري ڪندو ته بيشڪ الله بي پرواهه ساراهيل آهي (١٢). ۽ (ياد ڪر) جڏهن لقمان پنهنجي پٽ کي چيو ۽ اُنهيءَ کيس سمجهايو ٿي ته اي منهنجا پٽڙا! الله سان (ڪنهن کي) شريڪ نه ڪر، ڇو ته شرڪ وڏي بي انصافي آهي (١٣). ۽ ماڻهوءَ کي سندس ماءُ پيءُ بابت حڪم ڪيوسون، جو ماڻس تڪليف جي مٿان تڪليف سهي کيس (پنهنجي پيٽ ۾) کنيو ۽ ٻن ورهين ۾ سندس (ٿڃ جو) ڇڏائڻ آهي (حڪم جو مطلب هي آهي) ته منهنجو ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ جو شڪرانو ڪر (جو آخر) مون ڏانهن (ئي) موٽڻ آهي (١٤). ۽ جيڪڏهن (اُهي) مون سان (ڪنهن کي) شريڪ ڪرڻ لاءِ توکي مجبور ڪن، جنهن جي توکي ڪا ڄاڻپ نه آهي ته سندن (انهيءَ چوڻ جي) فرمانبرداري نه ڪر ۽ دنيا ۾ ساڻن چڱيءَ ريت سنگت ڪر ۽ جنهن مون ڏانهن موٽ ڪئي هجي، تنهن جي واٽ جي تابعداري ڪر، وري اوهان جو مون ڏانهن ورڻ آهي، پوءِ جيڪي ڪندا هيؤ، تنهن جي اوهان کي سُڌ ڏيندس (١٥). (لقمان هيءُ به چيو ته) اي منهنجا پٽڙا! ڪا به (شيءِ) جيڪڏهن آهر جي داڻي جيتري آهي، پوءِ اُها ڪنهن پهڻ ۾ هجي يا آسمانن ۾ يا زمين ۾ (هجي) ته (به) الله ان کي آڻي حاضر ڪندو. ڇو ته الله باريڪ بين خبر رکندڙ آهي (١٦). اي منهنجا پٽڙا! نماز پڙهه ۽ چڱي ڪم جو حڪم ڪر ۽ مدي (ڪم) کان منع ڪر ۽ تو کي جيڪا تڪليف پهچي، تنهن تي صبر ڪر، ڇو ته اهي (ڪم) همت وارن ڪمن مان آهن (١٧). ۽ ماڻهن لاءِ پنهنجو ڳل (يعني منهن) ڇپو نه ڪر ۽ زمين ۾ لاڏ سان نه گهم، ڇو ته الله سيڪنهن هٺيلي وڏائيءَ ڪندڙ کي دوست نه رکندو آهي (١٨).

وَاقْصِدْ فِیْ مَشْیِكَ وَاغْضُضْ مِنْ صَوْتِكَ ؕ اِنَّ اَنْكَرَ الْاَصْوَاتِ
لَصَوْتُ الْحَمِیْرِ ۟ع (۱۹) اَلَمْ تَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ سَخَّرَ لَكُمْ مَّا فِی السَّمٰوٰتِ وَمَا
فِی الْاَرْضِ وَاَسْبَغَ عَلَیْكُمْ نِعَمَهٗ ظَاهِرَةً وَّبَاطِنَةً ؕ وَمِنَ النَّاسِ
مَنْ یُّجَادِلُ فِی اللّٰهِ بِغَیْرِ عِلْمٍ وَّلَا هُدًی وَّلَا كِتٰبٍ مُّنِیْرٍ (۲۰) وَ
اِذَا قِیْلَ لَهُمُ اتَّبِعُوْا مَاۤ اَنْزَلَ اللّٰهُ قَالُوْا بَلْ نَتَّبِعُ مَا وَجَدْنَا
عَلَیْهِ اٰبَآءَنَا ؕ اَوَلَوْ كَانَ الشَّیْطٰنُ یَدْعُوْهُمْ اِلٰی عَذَابِ السَّعِیْرِ (۲۱)
وَمَنْ یُّسْلِمْ وَجْهَهٗۤ اِلَی اللّٰهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ فَقَدِ اسْتَمْسَكَ
بِالْعُرْوَةِ الْوُثْقٰی ؕ وَاِلَی اللّٰهِ عَاقِبَةُ الْاُمُوْرِ (۲۲) وَمَنْ كَفَرَ فَلَا
یَحْزُنْكَ كُفْرُهٗ ؕ اِلَیْنَا مَرْجِعُهُمْ فَنُنَبِّئُهُمْ بِمَا عَمِلُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ
عَلِیْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ (۲۳) نُمَتِّعُهُمْ قَلِیْلًا ثُمَّ نَضْطَرُّهُمْ اِلٰی
عَذَابٍ غَلِیْظٍ (۲۴) وَلَىِٕنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ
لَیَقُوْلُنَّ اللّٰهُ ؕ قُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ ؕ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا یَعْلَمُوْنَ (۲۵) لِلّٰهِ مَا
فِی السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَنِیُّ الْحَمِیْدُ (۲۶) وَلَوْ اَنَّمَا
فِی الْاَرْضِ مِنْ شَجَرَةٍ اَقْلَامٌ وَّالْبَحْرُ یَمُدُّهٗ مِنْۢ بَعْدِهٖ
سَبْعَةُ اَبْحُرٍ مَّا نَفِدَتْ كَلِمٰتُ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِیْزٌ حَكِیْمٌ (۲۷)

۽ پنهنجي گھمڻ ۾ وچولي چال هل ۽ پنهنجو آواز ڍرو ڪر، ڇو ته آوازن مان بڇڙو (آواز) گڏھ جي هينگ آهي (١٩). نه ڏٺو اٿوَ ڇا ته جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو الله اوهان کي تابعُ ڪري ڏنو آهي ۽ پنهنجون پڌريون ۽ ڳجهيون نعمتون اوهان تي پرپور ڪيائين؟ ۽ ماڻهن مان ڪي (اهڙا) آهن جو اڻ ڄاڻائيءَ سان ۽ بنا هدايت ۽ روشن ڪتاب هجڻ ڪانسواءِ الله بابت جهڳڙو ڪندا آهن (٢٠). ۽ جڏهن کين چئبو آهي ته جيڪي الله نازل ڪيو، تنهن جي تابعداري ڪريو، (تڏهن چوندا آهن ته نه!) بلڪ اسان جنهن تي پنهنجا ڀيءُ ڏاڏا (هلندا) ڏٺا، تنهن جي تابِعداري ڪنداسون، توڻيڪ شيطان دوزخ جي عذاب ڏانهن کين سڏي ته به (ان جي پيروي ڪندا ڇا)؟ (٢١). ۽ جنهن پنهنجي مهاڙ الله ڏانهن ڪئي ۽ اُهو چڱن ڪمن ڪرڻ وارو آهي، تنهن بيشڪ مضبوط ڪڙي کي پڪڙيو ۽ (سڀني) ڪمن جي پڇاڙي الله ڏانهن آهي (٢٢). ۽ جيڪو ڪفر ڪري تنهن جو ڪفر توکي غمگين نه ڪري، کين اسان ڏانهن ورڻو آهي، پوءِ جيڪو ڪيائون تنهن جي کين سُڌ ڏينداسون، ڇو ته الله سينن وارو (ڳجھ) ڄاڻندڙ آهي (٢٣). (دنيا ۾) کين ٿورو (وقت) آسودو ڪريون ٿا، وري کين سخت عذاب ڏانهن ڇڪي نينداسون (٢٤). ۽ جيڪڏهن کانئن پڇندين ته آسمان ۽ زمين کي ڪنهن بڻايو آهي؟ ته ضرور چوندا ته الله. چؤ ته سڀ ساراه خاص الله کي جڳائي، بلڪ منجهانئن گهڻا نه ڄاڻندا آهن (٢٥). جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو الله جو ئي آهي، بيشڪ الله ئي بي پرواهه ڏاڍو ساراهيل آهي (٢٦). ۽ جيڪي وڻ زمين ۾ آهن، سي جيڪڏهن قلم ٿين ۽ سمنڊ (جو پاڻي) اُن جي مس ٿئي ان کان پوءِ ست سمنڊ (ٻيا به) هجن ته الله (جي قدرت) جون ڳالهيون نه کٽنديون، ڇو ته الله غالب حڪمت وارو آهي (٢٧).

مَا خَلْقُكُمْ وَلَا بَعْثُكُمْ اِلَّا كَنَفْسٍ وَّاحِدَةٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌۢ بَصِيْرٌ ﴿۲۸﴾
اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يُوْلِجُ الَّيْلَ فِى النَّهَارِ وَيُوْلِجُ النَّهَارَ فِى الَّيْلِ
وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ ۫ كُلٌّ يَّجْرِىْٓ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى وَّاَنَّ اللّٰهَ
بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿۲۹﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ وَاَنَّ مَا يَدْعُوْنَ
مِنْ دُوْنِهِ الْبَاطِلُ ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْعَلِىُّ الْكَبِيْرُ ﴿۳۰﴾ ع اَلَمْ تَرَ اَنَّ
الْفُلْكَ تَجْرِىْ فِى الْبَحْرِ بِنِعْمَتِ اللّٰهِ لِيُرِيَكُمْ مِّنْ اٰيٰتِهٖ ؕ اِنَّ فِىْ
ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ ﴿۳۱﴾ وَاِذَا غَشِيَهُمْ مَّوْجٌ كَالظُّلَلِ
دَعَوُا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ۚ فَلَمَّا نَجّٰىهُمْ اِلَى الْبَرِّ
فَمِنْهُمْ مُّقْتَصِدٌ ؕ وَمَا يَجْحَدُ بِاٰيٰتِنَآ اِلَّا كُلُّ خَتَّارٍ كَفُوْرٍ ﴿۳۲﴾
يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا رَبَّكُمْ وَاخْشَوْا يَوْمًا لَّا يَجْزِىْ وَالِدٌ
عَنْ وَّلَدِهٖ ۫ وَلَا مَوْلُوْدٌ هُوَ جَازٍ عَنْ وَّالِدِهٖ شَيْــًٔا ؕ اِنَّ وَعْدَ
اللّٰهِ حَقٌّ فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ٚ وَلَا يَغُرَّنَّكُمْ بِاللّٰهِ
الْغَرُوْرُ ﴿۳۳﴾ اِنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗ عِلْمُ السَّاعَةِ ۚ وَيُنَزِّلُ الْغَيْثَ ۚ وَ
يَعْلَمُ مَا فِى الْاَرْحَامِ ؕ وَمَا تَدْرِىْ نَفْسٌ مَّاذَا تَكْسِبُ غَدًا ؕ
وَمَا تَدْرِىْ نَفْسٌۢ بِاَىِّ اَرْضٍ تَمُوْتُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ خَبِيْرٌ ﴿۳۴﴾ ع

اوهان (سيني) جو خلقڻ ۽ اوهان جو وري جيارڻ رڳو هڪڙي ماڻهو (جي خلقڻ ۽ وري جيارڻ) جهڙو آهي، بيشڪ الله ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي (٢٨). نه ڏٺو اٿيئي ڇا؟ ته الله رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪندو آهي ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل ڪندو آهي، ۽ سج ۽ چنڊ کي نوايائين. سيڪو مقرر مدت توڻي هلندو آهي ۽ (نه ڏٺو اٿيئي ڇا) ته جيڪي ڪندا آهيو، تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي (٢٩). اِهي (ڪم) هن ڪري آهن ته الله ئي برحق آهي ۽ بيشڪ ان کان سواءِ جنهن (ٻئي) کي سڏيندا آهن سو ڪوڙ آهي ۽ بيشڪ الله ئي تمام مٿاهون وڏو آهي (٣٠). نه ڏٺو اٿيئي ڇا؟ ته، ٻيڙيون الله جي ئي فضل سان سمنڊ ۾ ترنديون آهن (هن لاءِ) ته (الله) اوهان کي پنهنجن نشانين مان ڏيکاري، بيشڪ هن ۾ سيڪنهن وڏي صابر شاڪر لاءِ نشانيون آهن (٣١). ۽ جڏهن کين (درياءَ جي) لهر ڇانوَ ڪندڙ ڪڪرن وانگر ويڙهيندي آهي (تڏهن) خاص الله کي نِلو ڏانهس مهاڙ ڪري سڏيندا آهن، پوءِ جنهن مهل کين پـر ڏانهن بچائي پهچائيندو آهي، (تنهن مهل) منجهائنئن ڪي وچٿرا هوندا آهن ۽ سيڪنهن دغاباز بي شڪر کان سواءِ ٻيو ڪوبہ اسان جي آيتن جو انڪار نه ڪندو آهي (٣٢). اي انسانوُ! پنهنجي پالڻهار کان ڊڄو ۽ اُن ڏينهن کان (بہ) ڊڄو جنهن ۾ ڪو پيءُ پنهنجي پٽ جي پورائي نه ڪندو ۽ نه ڪو پٽ پنهنجي پيءُ جي ڪجهہ بہ پورائي ڪندڙ هوندو. بيشڪ الله جو وعدو سچو آهي، تنهن ڪري نڪي اوهان کي دنيا جي حياتي ٺڳي ۽ نڪي اوهان کي الله بابت ٺڳيندڙ (شيطان) ٺڳي (٣٣). بيشڪ قيامت جي خبر الله وٽ ئي آهي ۽ (اُهو ئي) مينهن وسائيندو آهي ۽ جيڪي ڳڀڻين ۾ آهي، سو (بہ) ڄاڻندو آهي ۽ ڪو ئي جيءُ نه ڄاڻندو آهي ته (پاڻ) سڀاڻي ڇا ڪندو ۽ ڪوئي جيءُ نه ڄاڻندو آهي ته (پاڻ) ڪهڙيءَ زمين تي مرندو، بيشڪ الله ڄاڻندڙ خبر رکندڙ آهي (٣٤).

# سُوْرَةُ السَّجْدَةِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الٓمّٓ ۞۱ تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ لَا رَيْبَ فِيْهِ مِنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۞۲ اَمْ
يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ۚ بَلْ هُوَ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّآ
اَتٰىهُمْ مِّنْ نَّذِيْرٍ مِّنْ قَبْلِكَ لَعَلَّهُمْ يَهْتَدُوْنَ ۞۳ اَللّٰهُ
الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ
ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ ۗ مَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا شَفِيْعٍ ۗ
اَفَلَا تَتَذَكَّرُوْنَ ۞۴ يُدَبِّرُ الْاَمْرَ مِنَ السَّمَآءِ اِلَى الْاَرْضِ ثُمَّ
يَعْرُجُ اِلَيْهِ فِيْ يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهٗٓ اَلْفَ سَنَةٍ مِّمَّا تَعُدُّوْنَ ۞۵
ذٰلِكَ عٰلِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ۞۶ الَّذِيْٓ اَحْسَنَ
كُلَّ شَيْءٍ خَلَقَهٗ وَبَدَاَ خَلْقَ الْاِنْسَانِ مِنْ طِيْنٍ ۞۷ ثُمَّ جَعَلَ
نَسْلَهٗ مِنْ سُلٰلَةٍ مِّنْ مَّآءٍ مَّهِيْنٍ ۞۸ ثُمَّ سَوّٰىهُ وَنَفَخَ فِيْهِ مِنْ
رُّوْحِهٖ وَجَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ وَالْاَفْـِٕدَةَ ۗ قَلِيْلًا مَّا
تَشْكُرُوْنَ ۞۹ وَقَالُوْٓا ءَاِذَا ضَلَلْنَا فِي الْاَرْضِ ءَاِنَّا لَفِيْ
خَلْقٍ جَدِيْدٍ ۬ ؕ بَلْ هُمْ بِلِقَآءِ رَبِّهِمْ كٰفِرُوْنَ ۞۱۰

سورة سجده مڪي آهي ۽ هن ۾
ٽيهه آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.

اللہ ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

الم (١). (هن) ڪتاب جو لاهڻ، منجهس ڪو شڪ ڪونهي (جو) جهانن جي پالڻهار وٽان آهي (٢). چوندا آهن ڇا ته ان (قرآن) کي پاڻ ٺاهيو اٿس؟ (نه!) بلڪ اُهو تنهنجي پالڻهار وٽان سچو (آيل) آهي (هن لاءِ) ته اُنهيءَ قوم کي ڊيڄارين جن وٽ توکان اڳ ڪو ڊيڄاريندڙ نه آيو آهي ته مَنَ اُهي هدايت لهن (٣). اللہ اُهو آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي سندس وچ ۾ آهي، سو ڇهن ڏينهن ۾ بڻايو، وري عرش تي قائم ٿيو. ان کان سواءِ اوهان لاءِ نڪي ڪو سڄڻ ۽ نڪي ڪو پارت ڪندڙ آهي. پوءِ نصيحت نه ٿا وٺو ڇا؟ (٤). آسمان کان زمين ڏانهن هر ڪم جي رٿا ڪندو آهي، وري (اها تدبير) اُن ڏينهن ۾ ڏانهس مٿي ويندي آهي، جنهن ڏينهن جو اندازو هزار ورهيه جيترو اُنهيءَ (ليکي) مان آهي، جو ڳڻيندا آهيو* (٥). اها (سندس وصف) آهي، جو ڳجهه ۽ ظاهر جو ڄاڻندڙ غالب مهربان آهي (٦). جنهن جيڪا شيءِ پيدا ڪئي سا سڀڪا چڱيءَ طرح بڻائي ۽ ماڻهن جي پيدائش کي گاري مان (نئون) شروع ڪيائين (٧). وري سندس اولاد حقير پاڻيءَ جي نچوڙ مان بڻايائين (٨). وري کيس سنئين لڱين ڪيائين ۽ منجهس پنهنجو روح ڦوڪيائين ۽ اوهان لاءِ ڪن ۽ اکيون ۽ دليون بڻايائين. اوهين ٿورو شڪر ڪندا آهيو (٩). ۽ چون ٿا ته جڏهن زمين ۾ رَلي ملي وياسون (تڏهن به) اسين وري نئين سر بڻباسين ڇا؟ (نه!) بلڪ اُهي پنهنجي پالڻهار جي ملڻ کان منڪر آهن (١٠).

* مطلب ته دنيا ۾ تدبير الاهي ڪيئن لهي ٿي ۽ وري ڪيئن مٿي چڙهي ٿي؟ ان کي جيڪڏهن ماڻهو خيال ۾ آڻين ته اهو عرصو هڪ هزار سال کان گهٽ معلوم نه ٿيندو، پر اللہ تعاليٰ جي آڏو اهو سمورو انتظام هڪ ڏينهن ۾ پورو ٿئي ٿو! غرض ته ماڻهن جا وهم اللہ جي قدرت ۽ طاقت کي پهچي نه ٿا سگهن- واللہ اعلم (فتح الرحمٰن).

قُلْ يَتَوَفّٰىكُمْ مَّلَكُ الْمَوْتِ الَّذِيْ وُكِّلَ بِكُمْ ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ
تُرْجَعُوْنَ ۝۱۱ وَلَوْ تَرٰۤى اِذِ الْمُجْرِمُوْنَ نَاكِسُوْا رُءُوْسِهِمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ
رَبَّنَاۤ اَبْصَرْنَا وَسَمِعْنَا فَارْجِعْنَا نَعْمَلْ صَالِحًا اِنَّا مُوْقِنُوْنَ ۝۱۲ وَ
لَوْ شِئْنَا لَاٰتَيْنَا كُلَّ نَفْسٍ هُدٰىهَا وَلٰكِنْ حَقَّ الْقَوْلُ مِنِّيْ
لَاَمْلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ ۝۱۳ فَذُوْقُوْا بِمَا
نَسِيْتُمْ لِقَآءَ يَوْمِكُمْ هٰذَا اِنَّا نَسِيْنٰكُمْ وَذُوْقُوْا عَذَابَ الْخُلْدِ بِمَا
كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۝۱۴ اِنَّمَا يُؤْمِنُ بِاٰيٰتِنَا الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِّرُوْا بِهَا خَرُّوْا
سُجَّدًا وَّسَبَّحُوْا بِحَمْدِ رَبِّهِمْ وَهُمْ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ ۝۱۵ السجدة تَتَجَافٰى
جُنُوْبُهُمْ عَنِ الْمَضَاجِعِ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ خَوْفًا وَّطَمَعًا وَّمِمَّا
رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ۝۱۶ فَلَا تَعْلَمُ نَفْسٌ مَّاۤ اُخْفِيَ لَهُمْ مِّنْ قُرَّةِ
اَعْيُنٍ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۝۱۷ اَفَمَنْ كَانَ مُؤْمِنًا كَمَنْ كَانَ
فَاسِقًا لَا يَسْتَوٗنَ ۝۱۸ اَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَلَهُمْ
جَنّٰتُ الْمَاْوٰى نُزُلًاۢ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۝۱۹ وَاَمَّا الَّذِيْنَ فَسَقُوْا
فَمَاْوٰىهُمُ النَّارُ كُلَّمَاۤ اَرَادُوْۤا اَنْ يَّخْرُجُوْا مِنْهَاۤ اُعِيْدُوْا فِيْهَا وَ
قِيْلَ لَهُمْ ذُوْقُوْا عَذَابَ النَّارِ الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ ۝۲۰

(اي پيغمبر! کين) چؤ تہ، جيڪو موت جو ملائڪ اوهان تي مقرر ڪيل آهي سو اوهان جو روح ڪيندو، وري پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽائبؤ (١١). ۽ (انهيءَ مهل) جيڪڏهن ڏسين جنهن مهل گنهگار پنهنجي پالڻهار جي سامهون پنهنجا ڪنڌ اونڌا ڪندڙ هوندا (تہ عجب ڪرين)- (اهي گنهگار چوندا تہ) اي اسان جا پالڻهار! ڏٺوسون ۽ ٻڌو سون هاڻي اسان کي (دنيا ۾) موٽاءِ تہ چڱو ڪم ڪريون، بيشڪ اسين يقين ڪندڙ آهيون (١٢). ۽ جيڪڏهن گھرون ها تہ سڀڪنهن شخص کي هدايت ڪريون ها پر مون وٽان (هي) حڪم ٺهرائجي چڪو آهي تہ جنّن ۽ ماڻهن (انهن ئي) مڙني مان دوزخ ضرور ڀريندس (١٣). پوءِ هن ڏينهن جي ملڻ کي جو وساريو هيوَ، تنهن سببان (عذاب) چکو، بيشڪ اسان (بہ) اوهان کي وساريو ۽ جيڪي ڪندا هيؤ، تنهن سببان هميشگيءَ جو عذاب چکو (١۴). اسان جي آيتن تي رڳو اُهي ايمان آڻيندا آهن جن کي انهن (آيتن) سان جڏهن نصيحت ڏبي آهي، تڏهن سجدو ڪندڙ ٿي ڪرندا آهن ۽ پنهنجي پالڻهار جي پاڪائي ساراه سان بيان ڪندا آهن ۽ اُهي وڏائي نہ ڪندا آهن (١٥). سندن پاسا سمهڻ جي هنڌ کان الڳ ٿي پنهنجي پالڻهار کي خوف ۽ اميد سان سڏيندا آهن ۽ جيڪا کين روزي ڏني سون، تنهن مان خرچيندا آهن (١٦). پوءِ جيڪو اکين جو ٺار اُنهن لاءِ لڪايو ويو آهي، سو ڪو جيءُ نہ ڄاڻندو آهي، اُهو بدلو هنن جيڪي ڪمايو هو تنهن سبب آهي (١٧). جيڪو مؤمن آهي سو بدڪار جي برابر آهي ڇا؟ (اُهي ٻئي ڪڏهن) برابر نہ ٿيندا (١٨). جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ بهشت (جا باغ) مهمانيءَ طور رهڻ جو هنڌ آهي، ان ڪري جو (چڱا) ڪم ڪندا رهيا (١٩). پر جن بچڙائي ڪئي تن جي رهڻ جو هنڌ دوزخ آهي، جنهن مهل منجهانئس نڪرڻ جو ارادو ڪندا، (تنهن مهل) منجهس ورائي (پيا) وجهبا ۽ کين چئبو تہ ان باه جو عذاب چکو جنهن کي اوهين ڪوڙو ڀانئيندا هيؤ (٢٠).

وَلَنُذِيقَنَّهُمْ مِّنَ الْعَذَابِ الْأَدْنَىٰ دُونَ الْعَذَابِ
الْأَكْبَرِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُونَ ﴿۲۱﴾ وَمَنْ أَظْلَمُ مِمَّنْ ذُكِّرَ
بِآيَاتِ رَبِّهِ ثُمَّ أَعْرَضَ عَنْهَا ۚ إِنَّا مِنَ الْمُجْرِمِينَ مُنْتَقِمُونَ ﴿۲۲﴾
وَلَقَدْ آتَيْنَا مُوسَى الْكِتَابَ فَلَا تَكُنْ فِي مِرْيَةٍ
مِّنْ لِّقَائِهِ ۖ وَجَعَلْنَاهُ هُدًى لِّبَنِي إِسْرَائِيلَ ﴿۲۳﴾ وَ
جَعَلْنَا مِنْهُمْ أَئِمَّةً يَهْدُونَ بِأَمْرِنَا لَمَّا صَبَرُوا ۖ وَ
كَانُوا بِآيَاتِنَا يُوقِنُونَ ﴿۲۴﴾ إِنَّ رَبَّكَ هُوَ يَفْصِلُ بَيْنَهُمْ
يَوْمَ الْقِيَامَةِ فِيمَا كَانُوا فِيهِ يَخْتَلِفُونَ ﴿۲۵﴾ أَوَلَمْ يَهْدِ لَهُمْ
كَمْ أَهْلَكْنَا مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنَ الْقُرُونِ يَمْشُونَ فِي مَسَاكِنِهِمْ ۚ
إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَاتٍ ۖ أَفَلَا يَسْمَعُونَ ﴿۲۶﴾ أَوَلَمْ يَرَوْا أَنَّا نَسُوقُ
الْمَاءَ إِلَى الْأَرْضِ الْجُرُزِ فَنُخْرِجُ بِهِ زَرْعًا تَأْكُلُ مِنْهُ
أَنْعَامُهُمْ وَأَنْفُسُهُمْ ۖ أَفَلَا يُبْصِرُونَ ﴿۲۷﴾ وَيَقُولُونَ مَتَىٰ
هَٰذَا الْفَتْحُ إِنْ كُنْتُمْ صَادِقِينَ ﴿۲۸﴾ قُلْ يَوْمَ الْفَتْحِ لَا يَنْفَعُ
الَّذِينَ كَفَرُوا إِيمَانُهُمْ وَلَا هُمْ يُنْظَرُونَ ﴿۲۹﴾ فَأَعْرِضْ
عَنْهُمْ وَانْتَظِرْ إِنَّهُمْ مُّنْتَظِرُونَ ﴿۳۰﴾

۽ ڪين وڏي عذاب کان سواءِ هلڪي سزا (دنيا ۾ به) ضرور چکائينداسون ته مَنَ اهي (سڌيءَ واٽ ڏانهن) ورن (٢١). ۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي؟ جنهن کي سندس پالڻهار جي آيتن سان نصيحت ڏجي ته وري اُنهن کان منهن موڙي. بيشڪ اسين ڏوهارين کان بدلو وٺندڙ آهيون (٢٢). ۽ بيشڪ موسىٰ کي ڪتاب ڏنوسون، پوءِ تون ان (قرآن) جي ملڻ کان شڪ ۾ نه ٿج ۽ اُن (موسىٰ) کي بني اسرائيلن لاءِ هدايت بڻايوسون (٢٣). ۽ منجهائن پيشوا ڪيا (هيا) سون جي اسان جي حڪم سان سڌو رستو ڏيکاريندا هئا، جڏهن جو (اُهي ڏکن تي) صبر ڪندا رهيا ۽ (اُهي) اسان جي آيتن تي يقين رکندا هوا (٢٤). بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي قيامت جي ڏينهن سندن وچ ۾ اُنهيءَ (ڳالھ) جو نبيرو ڪندو، جنهن بابت جهڳڙو ڪندا هوا (٢٥). (هن ڳالھ) ڪين هدايت نه ڪئي آهي ڇا؟ ته، ڪائنن اڳ ڪيترا ئي جُڳ ناس ڪياسون، جن جي گهرن ۾ (اهي) گهمندا آهن؟ بيشڪ هن (ڳالھ) ۾ وڏيون نشانيون آهن، پوءِ نه ٻڌندا آهن ڇا؟ (٢٦). نه ڏٺائون ڇا؟ ته، اسين اُبرٽ (ويران) زمين ڏانهن پاڻي وهائيندا آهيون، پوءِ اُن سان پوک ڄمائيندا آهيون، جنهن مان سندس ڍور ۽ اُهي پاڻ کائيندا آهن. پوءِ نه ڏسندا آهن ڇا؟ (٢٧). ۽ چون ٿا ته، جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته اِهو فيصلو ڪڏهن ٿيندو؟ (٢٨). (اي پيمغبر! ڪين) چؤ ته فيصلي جي ڏينهن ڪافرن کي سندن ايمان آڻڻ فائدو نه ڏيندو ۽ نه ڪي ڪين مهلت ڏبي (٢٩). پوءِ ڪائنن منهن موڙ ۽ انتظار ڪر، بيشڪ اُهي (به) انتظار ڪندڙ آهن (٣٠).

# سُوْرَةُ الْاَحْزَابِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ اتَّقِ اللّٰهَ وَلَا تُطِعِ الْكٰفِرِيْنَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ ؕ اِنَّ
اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ۙ﴿۱﴾ وَّاتَّبِعْ مَا يُوْحٰۤى اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ ؕ
اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ۙ﴿۲﴾ وَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ
وَكِيْلًا ﴿۳﴾ مَا جَعَلَ اللّٰهُ لِرَجُلٍ مِّنْ قَلْبَيْنِ فِيْ جَوْفِهٖ ۚ وَمَا جَعَلَ
اَزْوَاجَكُمُ الّٰٓـِٔيْ تُظٰهِرُوْنَ مِنْهُنَّ اُمَّهٰتِكُمْ ۚ وَمَا جَعَلَ اَدْعِيَآءَكُمْ
اَبْنَآءَكُمْ ؕ ذٰلِكُمْ قَوْلُكُمْ بِاَفْوَاهِكُمْ ؕ وَاللّٰهُ يَقُوْلُ الْحَقَّ وَهُوَ
يَهْدِي السَّبِيْلَ ﴿۴﴾ اُدْعُوْهُمْ لِاٰبَآئِهِمْ هُوَ اَقْسَطُ عِنْدَ اللّٰهِ ۚ
فَاِنْ لَّمْ تَعْلَمُوْۤا اٰبَآءَهُمْ فَاِخْوَانُكُمْ فِي الدِّيْنِ وَمَوَالِيْكُمْ ؕ وَ
لَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ فِيْمَاۤ اَخْطَاْتُمْ بِهٖ وَلٰكِنْ مَّا تَعَمَّدَتْ قُلُوْبُكُمْ ؕ
وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۵﴾ اَلنَّبِيُّ اَوْلٰى بِالْمُؤْمِنِيْنَ مِنْ
اَنْفُسِهِمْ وَاَزْوَاجُهٗۤ اُمَّهٰتُهُمْ ؕ وَاُولُوا الْاَرْحَامِ بَعْضُهُمْ اَوْلٰى
بِبَعْضٍ فِيْ كِتٰبِ اللّٰهِ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُهٰجِرِيْنَ اِلَّاۤ اَنْ
تَفْعَلُوْۤا اِلٰۤى اَوْلِيٰٓئِكُمْ مَّعْرُوْفًا ؕ كَانَ ذٰلِكَ فِي الْكِتٰبِ مَسْطُوْرًا ﴿۶﴾

سورة احزاب مدني آهي ۽ هن ۾
ٽيهتر آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.

اللهٰ ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اي پيغمبر! اللهٰ کان ڊڄ ۽ ڪافرن ۽ منافقن جو چيو نہ مڃ- ڇو تہ اللهٰ ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (١). ۽ جيڪي تنهنجي پالڻهار وٽان تو ڏانهن وحي ڪجي ٿو، تنهن جي تابعداري ڪر، ڇو تہ جيڪي ڪندا آهيو، تنهن جي اللهٰ خبر رکندڙ آهي (٢). ۽ اللهٰ تي ڀروسو ڪر ۽ اللهٰ سنڀاليندڙ ڪافي آهي (٣). اللهٰ ڪنهن ماڻهوءَ جي اندر ۾ ٻہ دليون (پيدا) نہ ڪيون آهن ۽ نڪي اوهان جي انهن زالن کي جن کي اوهين ماءُ چئي وڻنا آهيو، سي اوهان جون (حقيقي) مائر ڪيائين ۽ نڪي اوهان جي پٽيلن کي اوهان جا (حقيقي) پٽ ڪيائين. اِهو اوهان جو چوڻ اوهان جي واتن جو آهي ۽ اللهٰ سچ چوندو آهي ۽ اُهو ئي (سڌو) رستو ڏيکاريندو آهي (۴). کين سندن پين جا (پٽ ڪري) سڏيو، اِهو اللهٰ وٽ بلڪل انصاف آهي، پوءِ جيڪڏهن سندن پيئر نہ ڄاڻندا هجو تہ اوهان جا دين ۾ ڀائر ۽ اوهان جا دوست آهن ۽ جنهن ڳالهائڻ ۾ غلطي ڪئي هجيوَ، تنهن ۾ اوهان تي ڪو گناهہ نہ آهي، پر اوهان جي دلين جيڪي ڄاڻي واڻي ڪيو (تنهن ۾ گناهہ) آهي ۽ اللهٰ بخشڻهار مهربان آهي (٥). پيغمبر مؤمنن تي سندن جندن کان وڌيڪ حق رکندو آهي ۽ سندس زالون سندن مائر آهن ۽ مائٽيءَ وارا هڪ ٻئي جا پاڻ ۾ اللهٰ جي ڪتاب ۾ (ٻين) مؤمنن ۽ هجرت ڪندڙن کان وڌيڪ حقدار آهن، پر پنهنجن دوستن سان احسان ڪريو (تہ جائز آهي)- اِهو (حڪم) ڪتاب ۾ لکيل آهي (٦).

وَإِذْ أَخَذْنَا مِنَ النَّبِيِّنَ مِيثَاقَهُمْ وَمِنْكَ وَمِنْ نُوحٍ وَإِبْرَاهِيمَ
وَمُوسَى وَعِيسَى ابْنِ مَرْيَمَ ۖ وَأَخَذْنَا مِنْهُمْ مِيثَاقًا غَلِيظًا ﴿٧﴾
لِيَسْأَلَ الصَّادِقِينَ عَنْ صِدْقِهِمْ ۚ وَأَعَدَّ لِلْكَافِرِينَ عَذَابًا أَلِيمًا ﴿٨﴾
يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا اذْكُرُوا نِعْمَةَ اللَّهِ عَلَيْكُمْ إِذْ جَاءَتْكُمْ جُنُودٌ
فَأَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيحًا وَجُنُودًا لَمْ تَرَوْهَا ۚ وَكَانَ اللَّهُ بِمَا تَعْمَلُونَ
بَصِيرًا ﴿٩﴾ إِذْ جَاءُوكُمْ مِنْ فَوْقِكُمْ وَمِنْ أَسْفَلَ مِنْكُمْ وَإِذْ
زَاغَتِ الْأَبْصَارُ وَبَلَغَتِ الْقُلُوبُ الْحَنَاجِرَ وَتَظُنُّونَ بِاللَّهِ
الظُّنُونَا ﴿١٠﴾ هُنَالِكَ ابْتُلِيَ الْمُؤْمِنُونَ وَزُلْزِلُوا زِلْزَالًا شَدِيدًا ﴿١١﴾
وَإِذْ يَقُولُ الْمُنَافِقُونَ وَالَّذِينَ فِي قُلُوبِهِمْ مَرَضٌ مَا وَعَدَنَا
اللَّهُ وَرَسُولُهُ إِلَّا غُرُورًا ﴿١٢﴾ وَإِذْ قَالَتْ طَائِفَةٌ مِنْهُمْ يَا أَهْلَ
يَثْرِبَ لَا مُقَامَ لَكُمْ فَارْجِعُوا ۚ وَيَسْتَأْذِنُ فَرِيقٌ مِنْهُمُ النَّبِيَّ
يَقُولُونَ إِنَّ بُيُوتَنَا عَوْرَةٌ ۛ وَمَا هِيَ بِعَوْرَةٍ ۖ إِنْ يُرِيدُونَ إِلَّا
فِرَارًا ﴿١٣﴾ وَلَوْ دُخِلَتْ عَلَيْهِمْ مِنْ أَقْطَارِهَا ثُمَّ سُئِلُوا الْفِتْنَةَ
لَآتَوْهَا وَمَا تَلَبَّثُوا بِهَا إِلَّا يَسِيرًا ﴿١٤﴾ وَلَقَدْ كَانُوا عَاهَدُوا اللَّهَ
مِنْ قَبْلُ لَا يُوَلُّونَ الْأَدْبَارَ ۚ وَكَانَ عَهْدُ اللَّهِ مَسْئُولًا ﴿١٥﴾

۽ (ياد ڪر) جڏهن پيغمبرن ڪان سندن انجام ورتوسون ۽ (پڻ) توڪان ۽ نوح ۽ ابراهيم ۽ موسيٰ ۽ عيسيٰ پٽ مريم جي ڪان (بہ ورتوسون) ۽ (هن لاءِ) ڪانئن پڪو انجام ورتوسين (٧). تہ (الله) سچن ڪان سندن سچائيءَ بابت پڇي ۽ ڪافرن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيو اٿس (٨). اي ايمان وارؤ! پاڻ تي الله جو احسان ياد ڪريو، جڏهن (ڪافرن جا) لشڪر اوهان تي (چڙهائي ڪري) آيا، تڏهن مٿن واءُ موڪليوسون ۽ (اوهان جي مدد لاءِ ملائڪن جا) اهڙا لشڪر بہ، جن کي اوهان نہ ٿي ڏٺو (پوءِ ڪافرن کي ڀڄائي اوهان کي بچايوسون) ۽ جيڪي ڪريو ٿا سو الله ڏسندڙ آهي (٩). جڏهن (اُهي) اوهان جي مٿان ۽ اوهان جي هيٺان اوهان وٽ آيا ۽ اُنهيءَ مهل اکيون ڏرا ڏيئي ويون ۽ دليون (دهشت کان) نڙگهٽن کي پهتيون ۽ الله جي بہ نسبت ڪيئي گمان ڀانيوَ ٿي! (١٠). اُتي مؤمنن کي پرکيو ويو ۽ ڪين تمام سخت لوڏيو ويو (١١). ۽ انهيءَ مهل منافقن ۽ جن جي دلين ۾ بيماري آهي، تن چيو ٿي تہ الله ۽ سندس پيغمبر اسان کي ٺڳيءَ کان سواءِ (ٻيو) ڪو انجام نہ ڏنو آهي (١٢). ۽ اُنهيءَ مهل منجهائن هڪ ٽوليءَ چيو تہ، اي مديني وارؤ! اوهان لاءِ (هتي ترسڻ جي) ڪا جاءِ ڪانهي، تنهن ڪري موٽو ۽ منجهائن هڪ ٽوليءَ پيغمبر کان موڪلايو ٿي ۽ چوڻ لڳا تہ اسان جا گهر هيڪلا آهن. حالانڪ اُهي هيڪلا نہ هئا، ڀڄڻ کان سواءِ (ٻيو) ڪو ارادو نہ هئن (١٣). ۽ جيڪڏهن اُن (مديني) جي آس پاس کان مٿن ڪا (ڪافرن جي فوج) اچي ڪڙڪي ها، وري ڪانئن خانہ جنگي طلب ڪئي وڃي ها تہ ضرور اها ڪن ها ۽ ان لاءِ ٿوري دير کان سواءِ ترسن ئي نہ ها (١٤). ۽ هن کان اڳ ۾ الله سان انجام ڪيو هئائون تہ (ڀڄڻ لاءِ) پٺيون نہ ڦيرائيندا ۽ الله جي انجام جي (ضرور) پڇا ڪئي ويندي (١٥).

قُلْ لَّنْ یَّنْفَعَكُمُ الْفِرَارُ اِنْ فَرَرْتُمْ مِّنَ الْمَوْتِ اَوِ الْقَتْلِ وَ اِذًا
لَّا تُمَتَّعُوْنَ اِلَّا قَلِیْلًا ﴿۱۶﴾ قُلْ مَنْ ذَا الَّذِیْ یَعْصِمُكُمْ مِّنَ اللّٰهِ اِنْ
اَرَادَ بِكُمْ سُوْٓءًا اَوْ اَرَادَ بِكُمْ رَحْمَةً ؕ وَ لَا یَجِدُوْنَ لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ
اللّٰهِ وَلِیًّا وَّ لَا نَصِیْرًا ﴿۱۷﴾ قَدْ یَعْلَمُ اللّٰهُ الْمُعَوِّقِیْنَ مِنْكُمْ وَ الْقَآىِٕلِیْنَ
لِاِخْوَانِهِمْ هَلُمَّ اِلَیْنَا ۚ وَ لَا یَاْتُوْنَ الْبَاْسَ اِلَّا قَلِیْلًا ۙ﴿۱۸﴾ اَشِحَّةً
عَلَیْكُمْ ۖۚ فَاِذَا جَآءَ الْخَوْفُ رَاَیْتَهُمْ یَنْظُرُوْنَ اِلَیْكَ تَدُوْرُ
اَعْیُنُهُمْ كَالَّذِیْ یُغْشٰى عَلَیْهِ مِنَ الْمَوْتِ ۚ فَاِذَا ذَهَبَ الْخَوْفُ
سَلَقُوْكُمْ بِاَلْسِنَةٍ حِدَادٍ اَشِحَّةً عَلَى الْخَیْرِ ؕ اُولٰٓىِٕكَ لَمْ یُؤْمِنُوْا
فَاَحْبَطَ اللّٰهُ اَعْمَالَهُمْ ؕ وَ كَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ یَسِیْرًا ﴿۱۹﴾ یَحْسَبُوْنَ
الْاَحْزَابَ لَمْ یَذْهَبُوْا ۚ وَ اِنْ یَّاْتِ الْاَحْزَابُ یَوَدُّوْا لَوْ اَنَّهُمْ
بَادُوْنَ فِی الْاَعْرَابِ یَسْاَلُوْنَ عَنْ اَنْۢبَآىِٕكُمْ ؕ وَ لَوْ كَانُوْا فِیْكُمْ مَّا
قٰتَلُوْۤا اِلَّا قَلِیْلًا ۧ﴿۲۰﴾ لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِیْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ
لِّمَنْ كَانَ یَرْجُوا اللّٰهَ وَ الْیَوْمَ الْاٰخِرَ وَ ذَكَرَ اللّٰهَ كَثِیْرًا ؕ﴿۲۱﴾ وَ لَمَّا رَاَ
الْمُؤْمِنُوْنَ الْاَحْزَابَ ۙ قَالُوْا هٰذَا مَا وَعَدَنَا اللّٰهُ وَ رَسُوْلُهٗ وَ
صَدَقَ اللّٰهُ وَ رَسُوْلُهٗ ۫ وَ مَا زَادَهُمْ اِلَّاۤ اِیْمَانًا وَّ تَسْلِیْمًا ؕ﴿۲۲﴾

(ڪين) چؤ تہ جيڪڏهن اوهين مرڻ يا مارجڻ ڪان ڀڄندؤ تہ ڀڄڻ اوهان کي فائدو نہ ڏيندو ۽ انهيءَ مهل بلڪل ٿورو ئي (زندگيءَ جو) فائدو ڏنو ويندوَ (١٦). (اي پيغمبر! ڪين) چؤ تہ اوهان کي الله (جي عذاب) کان ڪير بچائيندو، جيڪڏهن اُهو اوهان کي ڪا تڪليف پهچائڻ گهري يا اوهان کي ڪا ڀاجھ پهچائڻ گهري (تہ اُها ڪير روڪيندو؟) ۽ الله کان سواءِ پاڻ لاءِ نہ ڪو دوست ۽ نہ ڪو مددگار لهندا (١٧). اوهان مان (جهاد کان) جهليندڙن ۽ پنهنجن ڀائرن کي (هيئن) چوندڙن کي تہ اسان ڏانهن اچو، بيشڪ الله ڄاڻندو آهي ۽ ٿورن کان سواءِ (ٻيا) لڙائيءَ ۾ نہ ٿا اچن (١٨). (هٿون) اوهان تي پيچائي ڪندڙ آهن، پوءِ جنهن مهل ڀؤ (جو وقت) اچي (تنهن مهل) ڪين ڏسين تہ تو ڏانهن سندن اکيون اُن (ماڻهو) وانگر نهاريندڙيون آهن، جنهن تي موت (جي سڪرات) جي بيهوشي پهتي هجي، پوءِ جنهن مهل (جنگ جو) ڀؤ لهندو آهي، تنهن مهل (غنيمت جي) مال (ونڊ) تي لالچي ٿي اوهان کي تکين زبانن سان ايذائيندا آهن۔ انهن ايمان نہ آندو، تنهن ڪري الله سندن اعمال چٽ ڪيا ۽ اهو (ڪم) الله تي آسان آهي (١٩). (خوف جي ڪري) ڀائيندا آهن تہ (ڪافرن جا) لشڪر نہ ويا آهن ۽ جيڪڏهن (ڪافرن جا) ڪي لشڪر اچن ها تہ (هيءَ ڳالھ) گهرن ها تہ اهي جيڪر جهنگن ۾ وينل هجن ها (۽) اوهان جون خبرون (هر ڪنهن کان) پڇندا رهن ها ۽ جيڪڏهن اوهان ۾ هجن ها تہ رڳو ٿورا (اچي) جنگ ۾ وڙهن ها (٢٠). بيشڪ اوهان لاءِ الله جي پيغمبر (جي طريقي) ۾ عمدي پيروي اُنهيءَ لاءِ آهي، جيڪو الله (جي رضا جي اميد) ۽ قيامت جي ڏينهن (جي اچڻ) جي اميد رکندو هجي ۽ الله کي گهڻو ياد ڪندو هجي (٢١). ۽ جنهن مهل مؤمنن (ڪافرن) جي لشڪرن کي ڏٺو (تنهن مهل) چيائون تہ هي اُهو انجام آهي، جيڪو الله ۽ سندس پيغمبر اسان کي ڏنو هو ۽ الله ۽ سندس پيغمبر سچ فرمايو هو ۽ انهيءَ (حالت) انهن کي ايمان ۽ فرمان برداريءَ ۾ هيڪاندو وڌايو (٢٢).

مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ رِجَالٌ صَدَقُوْا مَا عَاهَدُوا اللّٰهَ عَلَيْهِ ۚ فَمِنْهُمْ
مَّنْ قَضٰى نَحْبَهٗ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّنْتَظِرُ ۖ وَمَا بَدَّلُوْا تَبْدِيْلًا ﴿۲۳﴾ لِّيَجْزِيَ
اللّٰهُ الصّٰدِقِيْنَ بِصِدْقِهِمْ وَيُعَذِّبَ الْمُنٰفِقِيْنَ اِنْ شَآءَ اَوْ
يَتُوْبَ عَلَيْهِمْ ۗ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ۚ ﴿۲۴﴾ وَرَدَّ اللّٰهُ الَّذِيْنَ
كَفَرُوْا بِغَيْظِهِمْ لَمْ يَنَالُوْا خَيْرًا ۗ وَكَفَى اللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ الْقِتَالَ ۗ
وَكَانَ اللّٰهُ قَوِيًّا عَزِيْزًا ۚ ﴿۲۵﴾ وَاَنْزَلَ الَّذِيْنَ ظَاهَرُوْهُمْ مِّنْ اَهْلِ
الْكِتٰبِ مِنْ صَيَاصِيْهِمْ وَقَذَفَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الرُّعْبَ فَرِيْقًا
تَقْتُلُوْنَ وَتَاْسِرُوْنَ فَرِيْقًا ۚ ﴿۲۶﴾ وَاَوْرَثَكُمْ اَرْضَهُمْ وَدِيَارَهُمْ وَ
اَمْوَالَهُمْ وَاَرْضًا لَّمْ تَطَئُوْهَا ۗ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرًا ﴿۲۷﴾ ع
يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّاَزْوَاجِكَ اِنْ كُنْتُنَّ تُرِدْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا
وَزِيْنَتَهَا فَتَعَالَيْنَ اُمَتِّعْكُنَّ وَاُسَرِّحْكُنَّ سَرَاحًا جَمِيْلًا ﴿۲۸﴾
وَاِنْ كُنْتُنَّ تُرِدْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَالدَّارَ الْاٰخِرَةَ فَاِنَّ
اللّٰهَ اَعَدَّ لِلْمُحْسِنٰتِ مِنْكُنَّ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿۲۹﴾ يٰنِسَآءَ
النَّبِيِّ مَنْ يَّاْتِ مِنْكُنَّ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ يُّضٰعَفْ
لَهَا الْعَذَابُ ضِعْفَيْنِ ۗ وَكَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرًا ﴿۳۰﴾

مؤمنن مان ڪي اهڙا مڙس آهن، جو جيڪو الله سان انجام ڪيو هيائون تنهن تي سچائي ڪيائون، پوءِ منجهائن ڪنهن پنهنجو ذمو پورو ڪيو ۽ منجهائن ڪو انتظار ڪندو آهي ۽ (پنهنجي چوڻ کي) ڪنهن طرح نہ متايائون (٢٣). (اهو هن ڪري آهي)تہ الله سچن کي سندن سچائيءَ سببان بدلو ڏئي ۽ جيڪڏهن گهري تہ منافقن کي عذاب ڪري يا (توبھ جي توفيق ڏيڻ سان) مٿن ٻاجھ سان موٽي. ڇو تہ الله بخشڻهار مهربان آهي (٢۴). ۽ الله ڪافرن کي سندن ڏمر سميت موٽايو جو ڪا ڀلائي نہ لڌائون ۽ الله مؤمنن جي پاران ويڙھ بابت ڪافي ٿيو ۽ الله سگهارو غالب آهي (٢٥). ۽ ڪتاب وارن مان جن اِنهن (مشرڪن) جي مدد ڪئي هئي، تن کي (الله) سندن ڪوٽن مان لاٿو ۽ سندين دلين ۾ دهشت وڌائين (جو) هڪ ٽوليءَ کي ماريوَ ٿي، ۽ ٻيءَ ٽوليءَ کي قيد ڪيوَ ٿي (٢٦). ۽ (نيٺ) اوهان کي سندين زمين ۽ سندن گهرن ۽ سندن مالن ۽ انهيءَ زمين جو وارث ڪيائين، جنهن تي پير (بہ) نہ گهمايا هيوَ ۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي (٢٧). اي پيغمبر! پنهنجين زالن کي چؤ تہ، جيڪڏهن اوهين دنيا جي حياتي ۽ ان جو سينگار گهرنديون هجو تہ اچو تہ اوهان کي سامان ڏيان ۽ چڱيءَ طرح ڇڏيان (٢٨). ۽ جيڪڏهن اوهين الله ۽ سندس پيغمبر ۽ آخرت جي گهر (يعني بهشت) کي گهرو ٿيون تہ بيشڪ، اوهان مان نيڪ بختن لاءِ الله وڏو اجر تيار ڪيو آهي (٢٩). اي پيغمبر جون زالون! اوهان مان جيڪا ظاهر ظهور بي حيائي ڪندي، تنهن کي وڌائي ٻيڻو عذاب ڪيو ويندو ۽ اهو الله تي آسان آهي (٣٠).

وَمَنْ يَّقْنُتْ مِنْكُنَّ لِلّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَتَعْمَلْ صَالِحًا
نُّؤْتِهَآ اَجْرَهَا مَرَّتَيْنِ ۙ وَاَعْتَدْنَا لَهَا رِزْقًا كَرِيْمًا ﴿٣١﴾ يٰنِسَآءَ
النَّبِيِّ لَسْتُنَّ كَاَحَدٍ مِّنَ النِّسَآءِ اِنِ اتَّقَيْتُنَّ فَلَا تَخْضَعْنَ
بِالْقَوْلِ فَيَطْمَعَ الَّذِيْ فِيْ قَلْبِهٖ مَرَضٌ وَّقُلْنَ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ۚ﴿٣٢﴾
وَقَرْنَ فِيْ بُيُوْتِكُنَّ وَلَا تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِيَّةِ الْاُوْلٰى
وَاَقِمْنَ الصَّلٰوةَ وَاٰتِيْنَ الزَّكٰوةَ وَاَطِعْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ؕ
اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَيْتِ
وَيُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا ۚ﴿٣٣﴾ وَاذْكُرْنَ مَا يُتْلٰى فِيْ بُيُوْتِكُنَّ
مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ وَالْحِكْمَةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ لَطِيْفًا خَبِيْرًا ﴿٣٤﴾ ع
اِنَّ الْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمٰتِ وَالْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ
وَالْقٰنِتِيْنَ وَالْقٰنِتٰتِ وَالصّٰدِقِيْنَ وَالصّٰدِقٰتِ وَالصّٰبِرِيْنَ
وَالصّٰبِرٰتِ وَالْخٰشِعِيْنَ وَالْخٰشِعٰتِ وَالْمُتَصَدِّقِيْنَ وَ
الْمُتَصَدِّقٰتِ وَالصَّآئِمِيْنَ وَالصّٰٓئِمٰتِ وَالْحٰفِظِيْنَ
فُرُوْجَهُمْ وَالْحٰفِظٰتِ وَالذّٰكِرِيْنَ اللّٰهَ كَثِيْرًا وَّ
الذّٰكِرٰتِ اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ مَّغْفِرَةً وَّاَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٣٥﴾

۽ اوهان مان جيڪا الله ۽ سندس پيغمبر جي تابعداري ڪندي ۽ چڱا ڪم ڪندي، تنهن کي سندس اجر ٻه ڀيرا ڏينداسين ۽ ان لاءِ عزت واري روزي تيار ڪنداسين (٣١). اي پيغمبر جون زالون! اوهين ڪن ٻين زائفن جهڙيون نه آهيو، جيڪڏهن اوهين (الله کان) ڊڄنديون آهيو ته (ڪنهن ڌارئي ماڻهوءَ سان) ڳالهائڻ ۾ هيٺاهين نه ڪريو، ڇو ته جنهن جي دل ۾ بيماري آهي، سو (متان) طمع ڪري ۽ چڱو سخن ڳالهايو (٣٢). ۽ پنهنجن گهرن ۾ رهو ۽ اڳئين جاهليت جي سينگار وانگر سينگار نه ڪريو ۽ نماز قائم رکو ۽ زڪوات ڏيو ۽ الله ۽ سندس پيغمبر جي فرمانبرداري ڪريو. اي پيغمبر جا گهروارؤ! الله رڳو هيءُ گهرندو آهي ته اوهان کان پليتي دور ڪري ۽ ته اوهان کي چڱيءَ طرح پاڪ ڪري (٣٣). ۽ اوهان جي گهرن ۾ جيڪي الله جي آيتن ۽ دانائيءَ جي ڳالهين (علم شريعت) مان پڙهبو آهي، سو ياد ڪريو. ڇو ته الله لطف ڪندڙ خبر رکندڙ آهي (٣٤). بيشڪ مسلمان مرد ۽ مسلمان زائفون ۽ مؤمن ۽ مؤمنياڻيون ۽ فرمانبردار ۽ فرمانبردارڻيون ۽ سچار ۽ سچاريون ۽ صبر وارا ۽ صبر واريون ۽ (الله کان) ڊڄندڙ ۽ (الله کان) ڊڄندڙيون ۽ خيرات ڪرڻ وارا ۽ خيرات ڪرڻ واريون ۽ روزي رکڻ وارا ۽ روزي رکڻ واريون ۽ پنهنجين اوگهڙن جي حفاظت ڪرڻ وارا ۽ حفاظت ڪرڻ واريون ۽ الله کي گهڻو ياد ڪندڙ ۽ ياد ڪندڙيون انهن (سڀني) لاءِ الله بخشش ۽ وڏو اجر تيار ڪيو آهي (٣٥).

وَمَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ وَّلَا مُؤْمِنَةٍ اِذَا قَضَى اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗۤ اَمْرًا اَنْ
يَّكُوْنَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ مِنْ اَمْرِهِمْ ؕ وَمَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَقَدْ
ضَلَّ ضَلٰلًا مُّبِيْنًا ﴿٣٦﴾ وَاِذْ تَقُوْلُ لِلَّذِيْۤ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاَنْعَمْتَ
عَلَيْهِ اَمْسِكْ عَلَيْكَ زَوْجَكَ وَاتَّقِ اللّٰهَ وَتُخْفِيْ فِيْ نَفْسِكَ
مَا اللّٰهُ مُبْدِيْهِ وَتَخْشَى النَّاسَ ۚ وَاللّٰهُ اَحَقُّ اَنْ تَخْشٰىهُ ؕ فَلَمَّا
قَضٰى زَيْدٌ مِّنْهَا وَطَرًا زَوَّجْنٰكَهَا لِكَيْ لَا يَكُوْنَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ
حَرَجٌ فِيْۤ اَزْوَاجِ اَدْعِيَآىِٕهِمْ اِذَا قَضَوْا مِنْهُنَّ وَطَرًا ؕ وَكَانَ اَمْرُ
اللّٰهِ مَفْعُوْلًا ﴿٣٧﴾ مَا كَانَ عَلَى النَّبِيِّ مِنْ حَرَجٍ فِيْمَا فَرَضَ اللّٰهُ لَهٗ ؕ
سُنَّةَ اللّٰهِ فِي الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلُ ؕ وَكَانَ اَمْرُ اللّٰهِ قَدَرًا مَّقْدُوْرَا ۙ﴿٣٨﴾
الَّذِيْنَ يُبَلِّغُوْنَ رِسٰلٰتِ اللّٰهِ وَيَخْشَوْنَهٗ وَلَا يَخْشَوْنَ اَحَدًا اِلَّا
اللّٰهَ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ حَسِيْبًا ﴿٣٩﴾ مَا كَانَ مُحَمَّدٌ اَبَآ اَحَدٍ مِّنْ رِّجَالِكُمْ
وَلٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ
عَلِيْمًا ﴿٤٠﴾ ع يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوا اللّٰهَ ذِكْرًا كَثِيْرًا ۙ﴿٤١﴾ وَّ
سَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا ﴿٤٢﴾ هُوَ الَّذِيْ يُصَلِّيْ عَلَيْكُمْ وَمَلٰٓىِٕكَتُهٗ
لِيُخْرِجَكُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ؕ وَكَانَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَحِيْمًا ﴿٤٣﴾

۽ جڏهن الله ۽ سندس پيغمبر ڪنهن ڪم بابت حڪم ڪري (تڏهن) ڪنهن مؤمن ۽ ڪنهن مؤمنياڻيءَ کي اُنهيءَ پنهنجي ڪم ۾ ڪو اختيار هجڻ نہ جڳائي. ۽ جيڪو الله ۽ سندس پيغمبر جي نافرماني ڪندو سو بيشڪ پڌريءَ ڀُل ۾ ڀُلو (٣٦). ۽ (اي پيغمبر! ياد ڪر) جڏهن تو اُنهيءَ شخص کي چيو ٿي جنهن تي الله فضل ڪيو آهي ۽ تو (بہ) مٿس احسان ڪيو، تہ پنهنجيءَ زال کي پاڻ وٽ جهل (۽ طلاق نہ ڏي) ۽ الله کان ڊڄ. ۽ تو پنهنجيءَ دل ۾ اها (ڳالھ) لڪائي ٿي، جنهن کي الله پڌرو ڪندڙ آهي ۽ ماڻهن کان ڊنين ٿي، حالانڪ الله (هن ڳالھ جو) وڌيڪ حقدار آهي، جو ان کان ڊڄين. پوءِ جنهن مهل زيد اُن (عورت) کان پنهنجي حاجت پوري ڪئي، (يعني طلاق ڏنائين تنهن مهل) ان کي تو سان پرڻايوسون (هن لاءِ) تہ مؤمنن تي پنهنجي پٽيلن جي زالن پرڻجڻ ۾ ڪو حرج نہ رهي، جڏهن (اُهي) اُنهن کان پنهنجي حاجت پوري ڪن (يعني طلاق ڏين). ۽ الله جو (جيڪو) حڪم (آهي سو) ٿيڻو آهي (٣٧). پيغمبر تي اُنهيءَ ۾ ڪو حرج نہ آهي، جيڪي الله اُن (پيغمبر) لاءِ حلال ڪيو آهي، جيڪي اڳ گذري ويا تن ۾ (بہ) الله جو اهو دستور هو ۽ الله جو حڪم ٺهرايل (اُنهن لاءِ) مقرر آهي (٣٨). جيڪي الله جا پيغام پهچائيندا آهن ۽ کانئس ڊڄندا آهن ۽ الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن کان نہ ڊڄندا آهن ۽ الله حساب ڪندڙ ڪافي آهي (٣٩). محمد(ﷺ) اوهانجي مردن مان ڪنهن هڪ جو پيءُ نہ آهي، پر الله جو پيغمبر آهي ۽ سڀني پيغمبرن جي مهر آهي ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي (٤٠). اي ايمان وارؤ! الله کي تمام گهڻو ياد ڪريو (٤١). ۽ صبح ۽ سانجهيءَ جو کيس پاڪائيءَ سان واکاڻيو (٤٢). هو اُهو آهي جو اوهان تي رحمت موڪلي ٿو ۽ سندس ملائڪ بہ اوهان لاءِ رحمت جي دعا گهرندا آهن تہ اوهان کي اونداهين مان سوجهري ڏانهن ڪڍي ۽ الله مؤمنن تي مهربان آهي (٤٣).

تَحِيَّتُهُمْ يَوْمَ يَلْقَوْنَهٗ سَلٰمٌ ۚۖ وَّاَعَدَّ لَهُمْ اَجْرًا كَرِيْمًا ﴿٤٤﴾ يٰۤاَيُّهَا
النَّبِيُّ اِنَّاۤ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّمُبَشِّرًا وَّنَذِيْرًا ﴿٤٥﴾ وَّدَاعِيًا اِلَى
اللّٰهِ بِاِذْنِهٖ وَسِرَاجًا مُّنِيْرًا ﴿٤٦﴾ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ بِاَنَّ لَهُمْ مِّنَ
اللّٰهِ فَضْلًا كَبِيْرًا ﴿٤٧﴾ وَلَا تُطِعِ الْكٰفِرِيْنَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ وَدَعْ اَذٰىهُمْ
وَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ۗ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿٤٨﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا
نَكَحْتُمُ الْمُؤْمِنٰتِ ثُمَّ طَلَّقْتُمُوْهُنَّ مِنْ قَبْلِ اَنْ تَمَسُّوْهُنَّ
فَمَا لَكُمْ عَلَيْهِنَّ مِنْ عِدَّةٍ تَعْتَدُّوْنَهَا ۚ فَمَتِّعُوْهُنَّ
وَسَرِّحُوْهُنَّ سَرَاحًا جَمِيْلًا ﴿٤٩﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّاۤ اَحْلَلْنَا
لَكَ اَزْوَاجَكَ الّٰتِيْۤ اٰتَيْتَ اُجُوْرَهُنَّ وَمَا مَلَكَتْ يَمِيْنُكَ
مِمَّاۤ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلَيْكَ وَبَنٰتِ عَمِّكَ وَبَنٰتِ عَمّٰتِكَ وَبَنٰتِ
خَالِكَ وَبَنٰتِ خٰلٰتِكَ الّٰتِيْ هَاجَرْنَ مَعَكَ ۫ وَامْرَاَةً
مُّؤْمِنَةً اِنْ وَّهَبَتْ نَفْسَهَا لِلنَّبِيِّ اِنْ اَرَادَ النَّبِيُّ اَنْ
يَّسْتَنْكِحَهَا ۗ خَالِصَةً لَّكَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۗ قَدْ عَلِمْنَا
مَا فَرَضْنَا عَلَيْهِمْ فِيْۤ اَزْوَاجِهِمْ وَمَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ
لِكَيْلَا يَكُوْنَ عَلَيْكَ حَرَجٌ ۗ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٥٠﴾

جنهن ڏينهن الله کي ملندا (تنهن ڏينهن) سندن کيڪار سلام آهي ۽ انهن لاءِ سڳورو اَجر تيار ڪيو اٿس (٤٤). اي پيغمبر! بيشڪ اسان توکي شاهدي ڏيندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو (٤٥). ۽ الله ڏانهن سندس حڪم سان سڏيندڙ ۽ روشن ڏيئو (ڪري موڪليوسون) (٤٦). ۽ مؤمنن کي خوشخبري ڏي ته انهن لاءِ الله جي پار کان وڏو فضل آهي (٤٧). ۽ ڪافرن ۽ منافقن جو چيو نه مڃ ۽ سندن ايذائڻ (جي خيال) کي ڇڏ ۽ الله تي ڀروسو ڪر ۽ الله ڪارساز آهي (٤٨). اي ايمان وارؤ جڏهن مؤمنياڻين کي پرڻجو ۽ وري کين هٿ لائڻ کان اڳ ۾ طلاق ڏيو، تڏهن مٿن ڪا عدت اوهان لاءِ ڪانهي، جنهن کي (اوهين) ڳڻيو، پوءِ کين (ڇڙو) جورو ڏيو ۽ چڱيءَ طرح سان کين ڇڏيو (٤٩). اي پيغمبر! بيشڪ، اسان تو لاءِ اُهي زالون حلال ڪيون جن کي تو سندن ڪابين ڏنو ۽ جيڪي ٻانهيون الله تو تي عنايت ڪيون تن مان جن تي تنهنجو هٿ مالڪ ٿئي سي ۽ تنهنجي چاچي جون ڌيئر ۽ تنهنجي ڦڦين جيون ڌيئر ۽ تنهنجي مامي جون ڌيئر ۽ تنهنجي ماسين جون ڌيئر جن تو سان گڏ هجرت ڪئي، حلال ڪيون سون ۽ اها مؤمنياڻي زائفان به (حلال ڪئي سون) جيڪا پنهنجي جند پيغمبر کي (سواءِ مهر وٺڻ جي) بخشي بشرطيڪ پيغمبر ڪيس پرڻجڻ جو ارادو ڪري (اِهو حڪم) مؤمنن کان سواءِ خاص تو لاءِ آهي. اُنهن (مؤمنن) تي سندن زالن ۽ سندن ٻانهين بابت جن تي سندن هٿ مالڪ ٿيا آهن ۽ جيڪي (ڪابين ۽ خرچ ڏيڻ) فرض ڪيو اٿئون، سو بيشڪ ڄاتو اٿئون (اهو) هن ڪري ته توتي ڪو حرج نه هجي ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (٥٠).

تُرْجِیْ مَنْ تَشَآءُ مِنْهُنَّ وَتُـْٔوِیْۤ اِلَیْكَ مَنْ تَشَآءُ ؕ وَمَنِ ابْتَغَیْتَ
مِمَّنْ عَزَلْتَ فَلَا جُنَاحَ عَلَیْكَ ؕ ذٰلِكَ اَدْنٰۤی اَنْ تَقَرَّ اَعْیُنُهُنَّ
وَلَا یَحْزَنَّ وَیَرْضَیْنَ بِمَاۤ اٰتَیْتَهُنَّ كُلُّهُنَّ ؕ وَاللّٰهُ یَعْلَمُ مَا
فِیْ قُلُوْبِكُمْ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِیْمًا حَلِیْمًا ﴿۵۱﴾ لَا یَحِلُّ لَكَ النِّسَآءُ
مِنْۢ بَعْدُ وَلَاۤ اَنْ تَبَدَّلَ بِهِنَّ مِنْ اَزْوَاجٍ وَّلَوْ اَعْجَبَكَ
حُسْنُهُنَّ اِلَّا مَا مَلَكَتْ یَمِیْنُكَ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰی كُلِّ شَیْءٍ
رَّقِیْبًا ﴿۵۲﴾ یٰۤاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا لَا تَدْخُلُوْا بُیُوْتَ النَّبِیِّ
اِلَّاۤ اَنْ یُّؤْذَنَ لَكُمْ اِلٰی طَعَامٍ غَیْرَ نٰظِرِیْنَ اِنٰىهُ وَلٰكِنْ اِذَا
دُعِیْتُمْ فَادْخُلُوْا فَاِذَا طَعِمْتُمْ فَانْتَشِرُوْا وَلَا مُسْتَاْنِسِیْنَ
لِحَدِیْثٍ ؕ اِنَّ ذٰلِكُمْ كَانَ یُؤْذِی النَّبِیَّ فَیَسْتَحْیٖ مِنْكُمْ ؗ
وَاللّٰهُ لَا یَسْتَحْیٖ مِنَ الْحَقِّ ؕ وَاِذَا سَاَلْتُمُوْهُنَّ مَتَاعًا
فَسْـَٔلُوْهُنَّ مِنْ وَّرَآءِ حِجَابٍ ؕ ذٰلِكُمْ اَطْهَرُ لِقُلُوْبِكُمْ وَقُلُوْبِهِنَّ ؕ
وَمَا كَانَ لَكُمْ اَنْ تُؤْذُوْا رَسُوْلَ اللّٰهِ وَلَاۤ اَنْ تَنْكِحُوْۤا اَزْوَاجَهٗ
مِنْۢ بَعْدِهٖۤ اَبَدًا ؕ اِنَّ ذٰلِكُمْ كَانَ عِنْدَ اللّٰهِ عَظِیْمًا ﴿۵۳﴾ اِنْ
تُبْدُوْا شَیْـًٔا اَوْ تُخْفُوْهُ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِكُلِّ شَیْءٍ عَلِیْمًا ﴿۵۴﴾

منجهائن جنهن کي گهرين تنهن کي ڇڏي ڏين ۽ جنهن کي گهرين تنهن کي پاڻ وٽ جاءِ ڏين ۽ جن کي تو پاسي ڪيو تن مان جنهن کي وري طلب ڪرين ته توتي ڪو گناهه نه آهي. اهو (اختيار) هن (ڳالهه) کي تمام ويجهو آهي ته سندن اکيون ٺرن ۽ (اُهي) غمگين نه ٿين ۽ جيڪي تون کين ڏين تنهن کان اُهي سڀ خوش ٿين ۽ جيڪي اوهان جي دلين ۾ آهي، سو الله ڄاڻندو آهي ۽ الله ڄاڻندڙ بردبار آهي (٥١). (اي پيغمبر!) انهن (ٻن قسمن) کان پوءِ تو کي ٻيون زالون حلال نه آهن ۽ نڪي انهن جي بجاءِ (ٻيون) زالون نڪاح ڪرين، جيتوڻيڪ سندن سونهن تو کي پسند اچي، پر تنهنجو هٿ جنهن جو مالڪ ٿيو آهي، (تنهن ۾ توکي اختيار آهي) ۽ الله سيڪنهن شيءِ تي نگهبان آهي (٥٢). اي مؤمنؤ! پيغمبر جي گهرن ۾ اُنهيءَ (وقت) کان سواءِ اندر نه وڃو (جنهن وقت) اوهان کي ڪنهن طعام (کائڻ) لاءِ اچڻ جي موڪل ڏني وڃي (۽ اهڙي وقت وڃو جو) اُن جي تيار ٿيڻ جو انتظار ڪندڙ نه هجو، پر جڏهن اوهان کي سڏيو وڃي، تڏهن اندر وڃو. پوءِ جڏهن کائي چڪو تڏهن نڪري وڃو ۽ ڪنهن ڳالهه ۾ ريجهي ويهي نه رهو، ڇو ته انهيءَ (ڪم) پيغمبر کي ايذايو ٿي، پوءِ هن اوهان کان لڄ ٿي ڪئي ۽ الله حق (چوڻ) کان لڄ نه ڪندو آهي ۽ جڏهن انهن (پيغمبر جي ٻيبين) کان ڪا شيءِ گهرو تڏهن پردي جي ٻاهران کائنئن گهرو، اهو (ڪم) اوهان جي دلين ۽ اُنهن جي دلين لاءِ ڏاڍو پاڪ آهي. ۽ اوهان کي نه جڳائيندو آهي ته الله جي پيغمبر کي ايذايو ۽ نڪي (جڳائيندو آهي) ته ان کان پوءِ سندس زالون اوهين ڪڏهن پرڻجو. ڇو ته اهو (ڪم) الله وٽ وڏو (گناهه) آهي (٥٣). جيڪڏهن ڪنهن ڳالهه کي پڌرو ڪريو يا ان کي لڪايو ته بيشڪ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي (٥٤).

لَا جُنَاحَ عَلَيْهِنَّ فِيْٓ اٰبَآئِهِنَّ وَلَآ اَبْنَآئِهِنَّ وَلَآ اِخْوَانِهِنَّ
وَلَآ اَبْنَآءِ اِخْوَانِهِنَّ وَلَآ اَبْنَآءِ اَخَوٰتِهِنَّ وَلَا نِسَآئِهِنَّ وَلَا
مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُنَّ ۚ وَاتَّقِيْنَ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلٰى كُلِّ
شَيْءٍ شَهِيْدًا ﴿٥٥﴾ اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ يٰٓاَيُّهَا
الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿٥٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ
يُؤْذُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَاَعَدَّ
لَهُمْ عَذَابًا مُّهِيْنًا ﴿٥٧﴾ وَالَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ
بِغَيْرِ مَا اكْتَسَبُوْا فَقَدِ احْتَمَلُوْا بُهْتَانًا وَّاِثْمًا مُّبِيْنًا ﴿٥٨﴾ ع يٰٓاَيُّهَا
النَّبِيُّ قُلْ لِّاَزْوَاجِكَ وَبَنٰتِكَ وَنِسَآءِ الْمُؤْمِنِيْنَ يُدْنِيْنَ
عَلَيْهِنَّ مِنْ جَلَابِيْبِهِنَّ ؕ ذٰلِكَ اَدْنٰٓى اَنْ يُّعْرَفْنَ فَلَا يُؤْذَيْنَ ؕ
وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٥٩﴾ لَئِنْ لَّمْ يَنْتَهِ الْمُنٰفِقُوْنَ وَ
الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ وَّالْمُرْجِفُوْنَ فِي الْمَدِيْنَةِ
لَنُغْرِيَنَّكَ بِهِمْ ثُمَّ لَا يُجَاوِرُوْنَكَ فِيْهَآ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٦٠﴾ ۛ مَّلْعُوْنِيْنَ ۛ
اَيْنَمَا ثُقِفُوْٓا اُخِذُوْا وَقُتِّلُوْا تَقْتِيْلًا ﴿٦١﴾ سُنَّةَ اللّٰهِ فِي
الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلُ ۚ وَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّةِ اللّٰهِ تَبْدِيْلًا ﴿٦٢﴾

زالن تي نہ ڪي پنهنجن پين ۽ نہ ڪي پنهنجن پٽن ۽ نہ ڪي پنهنجن ڀائرن ۽ نہ ڪي پنهنجن ڀاتين ۽ نہ ڪي پنهنجن ڀاٽيجن ۽ نہ ڪي پنهنجن (مسلمان) زائفن ۽ نہ ڪي جن تي سندن هٿ مالڪ ٿيا آهن، تن جي اڳيان (پردي نہ ڪرڻ ۾) گناهہ آهي، ۽ (اي عورتؤ) الله کان ڊڄو، ڇو تہ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي حاضر آهي (٥٥). بيشڪ، الله ۽ سندس ملائڪ پيغمبر تي رحمت موڪليندا آهن، اي ايمان وارؤ! اوهين بہ مٿس صلوات پڙهو ۽ پوريءَ طرح سلام چئو (٥٦). بيشڪ، جيڪي الله ۽ سندس پيغمبر کي ايذائيندا آهن، تن تي الله دنيا ۽ آخرت ۾ لعنت ڪئي آهي ۽ انهن لاءِ خواريءَ وارو عذاب تيار ڪيو اٿس (٥٧). ۽ جيڪي (ماٺهو) مؤمنن ۽ مؤمنياڻين کي اهڙي ڪم (جي تهمت) سان ايذائيندا آهن، جو انهن نہ ڪيو هجي، تن بيشڪ ڪوڙي ٺاهہ ۽ پڌري گناهہ جو بار کنيو (٥٨). اي پيغمبر! پنهنجين زالن ۽ پنهنجين ڌيئرن ۽ مؤمنن جي عورتن کي چئو تہ، (جيڪڏهن ٻاهر نڪرن تہ) پاڻ تي پنهنجون چادريون وجهن. اهو (هن ڳالهہ کي) تمام ويجهو آهي تہ، اُهي سڃاتيون وڃن (تہ اهي پرديدار آهن)، پوءِ کين ايذاءُ ڏنو نہ وڃي ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (٥٩). منافق ۽ جن جي دلين ۾ بيماري آهي، سي ۽ مديني ۾ ڪوڙين ڳالهين پکيڙڻ وارا جيڪڏهن (پنهنجيءَ عادت کان) نہ جهلبا تہ مٿن توکي مسلط ڪنداسون، وري ٿورن (ڏينهن) کان سواءِ ان (يعني مديني) ۾ تنهنجا پاڙيسري نہ ٿيندا (٦٠). ڌتڪاريل آهن، جتي لڀندا تتي پڪڙبا ۽ چڱيءَ طرح ڪسبا (٦١). جيڪي (هن کان) اڳ گذري ويا تن ۾ (بہ) الله جو اِهو دستور هو ۽ الله جي دستور کي ڪڏهن مٽ سٽ نہ ڏسندين (٦٢).

يَسْـَٔلُكَ النَّاسُ عَنِ السَّاعَةِ ؕ قُلْ اِنَّمَا عِلْمُهَا عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَمَا
يُدْرِيْكَ لَعَلَّ السَّاعَةَ تَكُوْنُ قَرِيْبًا ﴿٦٣﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَعَنَ الْكٰفِرِيْنَ
وَاَعَدَّ لَهُمْ سَعِيْرًا ﴿٦٤﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَاۤ اَبَدًا ۚ لَا يَجِدُوْنَ وَلِيًّا وَّلَا
نَصِيْرًا ﴿٦٥﴾ يَوْمَ تُقَلَّبُ وُجُوْهُهُمْ فِى النَّارِ يَقُوْلُوْنَ يٰلَيْتَنَاۤ اَطَعْنَا
اللّٰهَ وَاَطَعْنَا الرَّسُوْلَا ﴿٦٦﴾ وَقَالُوْا رَبَّنَاۤ اِنَّاۤ اَطَعْنَا سَادَتَنَا وَكُبَرَآءَنَا
فَاَضَلُّوْنَا السَّبِيْلَا ﴿٦٧﴾ رَبَّنَاۤ اٰتِهِمْ ضِعْفَيْنِ مِنَ الْعَذَابِ وَالْعَنْهُمْ
لَعْنًا كَبِيْرًا ﴿٦٨﴾ ع يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ اٰذَوْا
مُوْسٰى فَبَرَّاَهُ اللّٰهُ مِمَّا قَالُوْا ؕ وَكَانَ عِنْدَ اللّٰهِ وَجِيْهًا ﴿٦٩﴾
يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَقُوْلُوْا قَوْلًا سَدِيْدًا ﴿٧٠﴾ يُّصْلِحْ
لَكُمْ اَعْمَالَكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ؕ وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ
فَقَدْ فَازَ فَوْزًا عَظِيْمًا ﴿٧١﴾ اِنَّا عَرَضْنَا الْاَمَانَةَ عَلَى السَّمٰوٰتِ
وَالْاَرْضِ وَالْجِبَالِ فَاَبَيْنَ اَنْ يَّحْمِلْنَهَا وَاَشْفَقْنَ مِنْهَا وَ
حَمَلَهَا الْاِنْسَانُ ؕ اِنَّهٗ كَانَ ظَلُوْمًا جَهُوْلًا ﴿٧٢﴾ لِّيُعَذِّبَ اللّٰهُ
الْمُنٰفِقِيْنَ وَالْمُنٰفِقٰتِ وَالْمُشْرِكِيْنَ وَالْمُشْرِكٰتِ وَيَتُوْبَ
اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٧٣﴾ ع

ماڻهو تو کان قيامت بابت پڇن ٿا، (کين) چؤ ته ان جي خبر رڳو الله وٽ آهي. ۽ ڪهڙيءَ (ڳالھ) توکي ڄاڻايو ته متان قيامت ويجھڙو ئي ٿيندي هجي؟ (٦٣). بيشڪ الله ڪافرن تي لعنت ڪئي آهي ۽ انهن لاءِ ساڙيندڙ باھ تيار ڪئي اٿس (٦۴). منجهس سدائين رهڻ وارا آهن. نڪي ڪو سڄڻ ۽ نڪي ڪو مددگار لهندا (٦٥). جنهن ڏينهن سندن منهن باھ ۾ اونڌا ڪبا (تنهن ڏينهن) چوندا ته اسان لاءِ هَئَ اَرمان! (جيڪر) الله جي فرمانبرداري ڪريون ها ۽ پيغمبر جي (بہ) فرمانبرداري ڪريون ها (ته چڱو هو)! (٦٦). ۽ چوندا ته اي اسان جا پالڻهار! بيشڪ اسان پنهنجن سردارن ۽ پنهنجن وڏن جي فرمانبرداري ڪئي ته انهن اسان کي واٽ کان ڀُلايو (٦٧). اي اسان جا پالڻهار! کين ٻيڻو عذاب ڪر ۽ مٿن تمام وڏي لعنت ڪر (٦٨). اي ايمان وارؤ! (اوهين) انهن وانگر نه ٿيو جن موسىٰ کي ايذايو. پوءِ جيڪي چيائون تنهن کان الله کيس پاڪ ڪيو ۽ (اهو) الله وٽ مان وارو هو (٦٩). اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ سڌي ڳالھ چئو (٧٠). (ته) اوهانجا عمل اوهان لاءِ سڌاري ۽ اوهان جا گناھ اوهان کي بخشي ۽ جيڪو الله ۽ سندس پيغمبر جي فرمانبرداري ڪندو، تنهن بيشڪ وڏي مراد ماڻي (٧١). بيشڪ اسان آسمانن ۽ زمين ۽ جبلن کي امانت آڇي، ته ان جي کڻڻ کان انڪار ڪيائون ۽ کانئس ڊنا ۽ ان کي انسان کنيو، بيشڪ اُهو وڏو ظالم جاهل آهي (٧٢). (هيءَ آڇ هن لاءِ آهي) ته الله منافقن ۽ منافقياڻين ۽ مشرڪن ۽ مشرڪياڻين کي عذاب ڪري ۽ الله مؤمنن ۽ مؤمنياڻين تي ٻاجھ سان موٽي ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (٧٣).

# سُوْرَةُ سَبَاٍ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِىْ لَهٗ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ وَلَهُ
الْحَمْدُ فِى الْاٰخِرَةِ ؕ وَهُوَ الْحَكِيْمُ الْخَبِيْرُ ۝۱ يَعْلَمُ مَا يَلِجُ فِى
الْاَرْضِ وَمَا يَخْرُجُ مِنْهَا وَمَا يَنْزِلُ مِنَ السَّمَآءِ وَمَا يَعْرُجُ
فِيْهَا ؕ وَهُوَ الرَّحِيْمُ الْغَفُوْرُ ۝۲ وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَا تَاْتِيْنَا
السَّاعَةُ ؕ قُلْ بَلٰى وَرَبِّىْ لَتَاْتِيَنَّكُمْ ۙ عٰلِمِ الْغَيْبِ ۚ لَا يَعْزُبُ عَنْهُ
مِثْقَالُ ذَرَّةٍ فِى السَّمٰوٰتِ وَلَا فِى الْاَرْضِ وَلَاۤ اَصْغَرُ مِنْ ذٰلِكَ
وَلَاۤ اَكْبَرُ اِلَّا فِىْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ۝۳ ۙ لِّيَجْزِىَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا
الصّٰلِحٰتِ ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ۝۴ وَالَّذِيْنَ
سَعَوْ فِىْۤ اٰيٰتِنَا مُعٰجِزِيْنَ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ مِّنْ رِّجْزٍ
اَلِيْمٌ ۝۵ وَيَرَى الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ الَّذِىْۤ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ
رَّبِّكَ هُوَ الْحَقَّ ۙ وَيَهْدِىْۤ اِلٰى صِرَاطِ الْعَزِيْزِ الْحَمِيْدِ ۝۶
وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا هَلْ نَدُلُّكُمْ عَلٰى رَجُلٍ يُّنَبِّئُكُمْ
اِذَا مُزِّقْتُمْ كُلَّ مُمَزَّقٍ ۙ اِنَّكُمْ لَفِىْ خَلْقٍ جَدِيْدٍ ۝۷ ۚ

سورة سبا مڪي آهي ۽ هن ۾ چوونجاهہ
آيتون ۽ ڇهہ رڪوع آهن.

اللّٰه ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

سڀ ساراه اُنهيءَ اللّٰه کي جڳائي جو جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي، سو (سڀ) سندس آهي ۽ ان جي ئي ساراه آخرت ۾ آهي ۽ اُهو ئي حڪمت وارو خبر رکندڙ آهي (١). جيڪي زمين ۾ گهڙندو آهي ۽ جيڪي منجهانئس نڪرندو آهي ۽ جيڪي آسمان مان لهندو آهي ۽ جيڪي منجهس چڙهندو آهي، سو (سڀ اُهو) ڄاڻندو آهي ۽ اُهو ئي مهربان بخشڻهار آهي (٢). ۽ ڪافر چوندا آهن تہ اسان تي قيامت (ڪڏهن) نہ ايندي (ڪين) چؤ تہ، ها مون کي پنهنجي (اُنهيءَ) پالڻهار ڳجهہ ڄاڻندڙ جو قسم آهي تہ اوهان وٽ ضرور ايندي. جنهن کان ذري جيترو نڪي آسمانن ۾ نڪي زمين ۾ ڳجهو رهي ٿو ۽ ان کان تمام ننڍي (ڪا شيءِ اهڙي) ڪانهي ۽ نڪي تمام وڏي جا پڌري ڪتاب ۾ (لکيل) نہ آهي (٣). هن لاءِ تہ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي بدلو ڏئي، اُنهن لاءِ ئي بخشش ۽ عزت واري روزي آهي (٤). ۽ جيڪي اسان جي آيتن ۾ مقابلو ڪندڙ ٿي ڊوڙيا انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب جي سزا آهي (٥). ۽ جن کي علم ڏنو ويو آهي، سي سمجهندا آهن تہ جيڪو (قرآن) تنهنجي پالڻهار وٽان تو ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي، سو برحق آهي ۽ غالب ساراهيل (اللّٰه) جي واٽ ڏانهن رستو ڏيکاريندڙ آهي (٦). ۽ ڪافر (هڪ ٻئي کي) چوندا آهن تہ، اوهان کي اهڙو ماڻهو ڏسيون ڇا؟ جو اوهان کي ٻڌائي تہ جڏهن (اوهين) ڳري صفا ذرا ذرا ٿيندؤ (تڏهن) بيشڪ اوهين نئين سر خلقيا ويندؤ (٧).

أَفْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا أَمْ بِهٖ جِنَّةٌ ۭ بَلِ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ
بِالْاٰخِرَةِ فِي الْعَذَابِ وَالضَّلٰلِ الْبَعِيْدِ (٨) أَفَلَمْ يَرَوْا إِلٰى مَا
بَيْنَ أَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ مِّنَ السَّمَآءِ وَالْأَرْضِ ۭ إِنْ نَّشَأْ نَخْسِفْ
بِهِمُ الْأَرْضَ أَوْ نُسْقِطْ عَلَيْهِمْ كِسَفًا مِّنَ السَّمَآءِ ۭ إِنَّ فِيْ ذٰلِكَ
لَاٰيَةً لِّكُلِّ عَبْدٍ مُّنِيْبٍ (٩) وَلَقَدْ اٰتَيْنَا دَاوٗدَ مِنَّا فَضْلًا ۭ
يٰجِبَالُ أَوِّبِيْ مَعَهٗ وَالطَّيْرَ ۚ وَأَلَنَّا لَهُ الْحَدِيْدَ (١٠) أَنِ اعْمَلْ
سٰبِغٰتٍ وَّقَدِّرْ فِي السَّرْدِ وَاعْمَلُوْا صَالِحًا ۭ إِنِّيْ بِمَا تَعْمَلُوْنَ
بَصِيْرٌ (١١) وَلِسُلَيْمٰنَ الرِّيْحَ غُدُوُّهَا شَهْرٌ وَّرَوَاحُهَا شَهْرٌ ۚ وَ
أَسَلْنَا لَهٗ عَيْنَ الْقِطْرِ ۭ وَمِنَ الْجِنِّ مَنْ يَّعْمَلُ بَيْنَ يَدَيْهِ بِإِذْنِ
رَبِّهٖ ۭ وَمَنْ يَّزِغْ مِنْهُمْ عَنْ أَمْرِنَا نُذِقْهُ مِنْ عَذَابِ السَّعِيْرِ (١٢)
يَعْمَلُوْنَ لَهٗ مَا يَشَآءُ مِنْ مَّحَارِيْبَ وَتَمَاثِيْلَ وَجِفَانٍ كَالْجَوَابِ
وَقُدُوْرٍ رّٰسِيٰتٍ ۭ اِعْمَلُوْٓا اٰلَ دَاوٗدَ شُكْرًا ۭ وَقَلِيْلٌ مِّنْ عِبَادِيَ
الشَّكُوْرُ (١٣) فَلَمَّا قَضَيْنَا عَلَيْهِ الْمَوْتَ مَا دَلَّهُمْ عَلٰى مَوْتِهٖٓ
إِلَّا دَآبَّةُ الْأَرْضِ تَأْكُلُ مِنْسَأَتَهٗ ۚ فَلَمَّا خَرَّ تَبَيَّنَتِ الْجِنُّ
أَنْ لَّوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ الْغَيْبَ مَا لَبِثُوْا فِي الْعَذَابِ الْمُهِيْنِ (١٤)

(اُنهيءَ) الله تي ڪوڙو ناھ ٺاھيو آهي يا ڪيس ڪا چريائي آهي (نہ!) بلڪ جيڪي آخرت کي نہ مڃيندا آهن، سي عذاب ۾ هوندا ۽ (اُهي) وڏي ڀُل ۾ آهن (٨). جيڪي سندن اڳيان ۽ جيڪي سندن پويان آسمان ۽ زمين مان (ڏٺايو ويو) آهي سو (غور ڪري) نہ ڏٺائون ڇا؟ جيڪڏهن گهرون تہ کين زمين ۾ ڳهائي ڇڏيون يا آسمان کان مٿن ٽُڪرا ڪيرايون. بيشڪ اِن ۾ سڀ ڪنهن (الله ڏانهن) موٽندڙ ٻانهي لاءِ (وڏي) نشاني آهي (٩). ۽ بيشڪ دائود کي پاڻ وٽان بزرگي ڏني سون۔ (۽ حڪم ڪيوسون تہ) اي جبلؤ! ساڻس تسبيحون چؤ ۽ پکين کي (اُن جو فرمانبردار ڪيوسون) ۽ ان لاءِ لوھ کي نرم ڪيوسون (١٠). (حڪم ڏنوسون تہ) ويڪريون زرهون ٺاءِ ۽ اندازي سان ڪڙيون ناھ. ۽ (اي داؤد جي گهراڻي وارؤ!) چڱا ڪم ڪريو، جو تہ جيڪي (اوهين) ڪندا آهيو، سو بيشڪ آءٌ ڏسندڙ آهيان (١١). ۽ واءُ کي سليمان لاءِ (نوايوسون) اُن جي اڳياڙيءَ جي منزل مهيني جو پنڌ ۽ پوياڙيءَ جي منزل (بہ) مهيني جو پنڌ هئي. ۽ ان لاءِ ٽامي جو چشمو وهايوسون ۽ جنّن مان (بہ ڪن کي فرمانبردار ڪيوسون) جو سندس پالڻهار جي حڪم سان سندس اڳيان ڪمائيندا هئا ۽ منجهانئن جيڪو اسان جي حڪم کان مڙيو تنهن کي باھ جو عذاب چکائينداسون (١٢). جيڪي گهرندو هو سو ان لاءِ ڪي قلعا ۽ مورتون ۽ حوضن جيڏا پيالا ۽ وڏيون ديڳيون، جي نہ چُرنديون هيون سي ٺاهيندا هوا (چيوسون تہ) اي داؤد جا اولاد! شڪرانو ڪريو ۽ منهنجن ٻانهن مان ٿورا شڪرانو ڪندڙ آهن (١٣). پوءِ جنهن مهل مٿس موت کي حڪم ڪيوسون (تنهن مهل) سندس موت تي اُڏيهيءَ کان سواءِ (ٻئي ڪنهن) اُنهن (جنن) کي نہ ڄاڻايو جو سندس لٺ کي ٿي کاڌائين، پوءِ جنهن مهل ڪريو (تنهن مهل) جنن معلوم ڪيو تہ جيڪڏهن ڳجهہ ڄاڻن ها تہ خواريءَ واري عذاب ۾ نہ رهن ها! (١٤).

لَقَدْ كَانَ لِسَبَاٍ فِيْ مَسْكَنِهِمْ اٰيَةٌ ۚ جَنَّتٰنِ عَنْ يَّمِيْنٍ وَّشِمَالٍ ۥ
كُلُوْا مِنْ رِّزْقِ رَبِّكُمْ وَاشْكُرُوْا لَهٗ ؕ بَلْدَةٌ طَيِّبَةٌ وَّرَبٌّ
غَفُوْرٌ ﴿۱۵﴾ فَاَعْرَضُوْا فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ سَيْلَ الْعَرِمِ وَبَدَّلْنٰهُمْ
بِجَنَّتَيْهِمْ جَنَّتَيْنِ ذَوَاتَيْ اُكُلٍ خَمْطٍ وَّاَثْلٍ وَّشَيْءٍ مِّنْ سِدْرٍ
قَلِيْلٍ ﴿۱۶﴾ ذٰلِكَ جَزَيْنٰهُمْ بِمَا كَفَرُوْا ؕ وَهَلْ نُجٰزِيْٓ اِلَّا الْكَفُوْرَ ﴿۱۷﴾
وَجَعَلْنَا بَيْنَهُمْ وَبَيْنَ الْقُرَى الَّتِيْ بٰرَكْنَا فِيْهَا قُرًى ظَاهِرَةً
وَّقَدَّرْنَا فِيْهَا السَّيْرَ ؕ سِيْرُوْا فِيْهَا لَيَالِيَ وَاَيَّامًا اٰمِنِيْنَ ﴿۱۸﴾
فَقَالُوْا رَبَّنَا بٰعِدْ بَيْنَ اَسْفَارِنَا وَظَلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ فَجَعَلْنٰهُمْ
اَحَادِيْثَ وَمَزَّقْنٰهُمْ كُلَّ مُمَزَّقٍ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ
صَبَّارٍ شَكُوْرٍ ﴿۱۹﴾ وَلَقَدْ صَدَّقَ عَلَيْهِمْ اِبْلِيْسُ ظَنَّهٗ فَاتَّبَعُوْهُ
اِلَّا فَرِيْقًا مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۲۰﴾ وَمَا كَانَ لَهٗ عَلَيْهِمْ مِّنْ سُلْطٰنٍ
اِلَّا لِنَعْلَمَ مَنْ يُّؤْمِنُ بِالْاٰخِرَةِ مِمَّنْ هُوَ مِنْهَا فِيْ شَكٍّ ؕ وَ
رَبُّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ حَفِيْظٌ ﴿۲۱﴾ ع قُلِ ادْعُوا الَّذِيْنَ زَعَمْتُمْ مِّنْ
دُوْنِ اللّٰهِ ۚ لَا يَمْلِكُوْنَ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ فِي السَّمٰوٰتِ وَلَا فِي
الْاَرْضِ وَمَا لَهُمْ فِيْهِمَا مِنْ شِرْكٍ وَّمَا لَهٗ مِنْهُمْ مِّنْ ظَهِيْرٍ ﴿۲۲﴾

بيشڪ سبا جي قوم لاءِ سندن ديسن ۾ (هڪ) نشاني هئي، (يعني) ٻہ باغ سڄي ۽ کٻي پاسي کان هئا (چيو وِيو تہ) پنهنجي پالڻهار جي رزق مان کائو ۽ سندس شڪرانو ڪريو (اوهان لاءِ هيءُ) شهر سٺو آهي ۽ پالڻهار بخشڻهار آهي (١٥). پوءِ (شڪر ڪرڻ کان) منهن موڙيائون تنهن ڪري (بند ٻڌي) سخت ڇَر کي مٿن وهايوسون ۽ سندن (اُنهن) ٻن باغن جي بدلي کين (ٻيا) ٻہ باغ ڦڪن ميون ۽ لَئن وارا ۽ ڪجھ ٿورين ٻيرين وارا ڏناسون (١٦). سندن بي شڪريءَ سببان کين اِها سزا ڏني سون ۽ بي شڪر کان سواءِ (ٻئي) ڪنهن کي سزا نہ ڏيندا آهيون (١٧). ۽ سندن وچ ۾ ۽ اُهي ڳوٺ جن ۾ برڪت رکي سون تن جي وچ ۾ پڌرا ڳوٺ (لڳو لڳ) ڪيا سون ۽ انهن ۾ اچ وڃ جو پورو بندوبست رکيوسون (چيوسون تہ) راتيان ۽ ڏينهان منجهن بي ڀؤا گهمندا رهو (١٨). پوءِ چيائون تہ اي اسان جا پالڻهار! اسان جي مسافرين ۾ ڏورائي ڪر ۽ پاڻ تي ظلم ڪيائون، تنهن ڪري اُنهن کي (ٻين جي لاءِ) آکاڻيون ڪيوسين ۽ کين تمام ذرا پرزا ڪري ڇني ڦاڙي ڇڏيوسون. بيشڪ هن ۾ سڀ ڪنهن وڏي صابر شاڪر لاءِ نشانيون آهن (١٩). ۽ بيشڪ ابليس انهن بہ نسبت پنهنجي گمان کي سچو لڌو جو مؤمنن جي هڪ ٽوليءَ کان سواءِ ٻين ان جي تابعداري ڪئي (٢٠). ۽ ان جو مٿن ڪو زور نہ هو پر (اسين پرکيون) تہ جيڪو آخرت کي مڃيندو هجي، تنهن کي انهيءَ کان ڌار ڪريون جيڪو ان کان شڪ ۾ (پيل) هجي ۽ تنهنجو پالڻهار سيڪنهن شيءِ تي نگهبان آهي (٢١). (کين) چؤ تہ الله کان سواءِ جن ۾ اوهين (خدائي جو) گمان ڪندا آهيو تن کي سڏيو، اُهي نڪي آسمانن ۾ ۽ نڪي زمين ۾ ذري جيترا (بہ) مالڪ آهن ۽ نڪي منجهن ڪا ڀائيواري آهي ۽ نڪي منجهانئن ڪو الله جو مددگار آهي (٢٢).

وَلَا تَنْفَعُ الشَّفَاعَةُ عِنْدَهٗٓ اِلَّا لِمَنْ اَذِنَ لَهٗ ؕ حَتّٰٓى اِذَا فُزِّعَ
عَنْ قُلُوْبِهِمْ قَالُوْا مَاذَا ۙ قَالَ رَبُّكُمْ ؕ قَالُوا الْحَقَّ ۚ وَهُوَ الْعَلِيُّ
الْكَبِيْرُ ﴿۲۳﴾ قُلْ مَنْ يَّرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ قُلِ اللّٰهُ ۙ وَ
اِنَّاۤ اَوْ اِيَّاكُمْ لَعَلٰى هُدًى اَوْ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿۲۴﴾ قُلْ لَّا تُسْـَٔلُوْنَ
عَمَّاۤ اَجْرَمْنَا وَلَا نُسْـَٔلُ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿۲۵﴾ قُلْ يَجْمَعُ بَيْنَنَا رَبُّنَا ثُمَّ يَفْتَحُ
بَيْنَنَا بِالْحَقِّ ؕ وَهُوَ الْفَتَّاحُ الْعَلِيْمُ ﴿۲۶﴾ قُلْ اَرُوْنِيَ الَّذِيْنَ اَلْحَقْتُمْ
بِهٖ شُرَكَآءَ كَلَّا ؕ بَلْ هُوَ اللّٰهُ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۲۷﴾ وَمَاۤ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا كَآفَّةً
لِّلنَّاسِ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۲۸﴾ وَيَقُوْلُوْنَ
مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۲۹﴾ قُلْ لَّكُمْ مِّيْعَادُ يَوْمٍ لَّا
تَسْتَاْخِرُوْنَ عَنْهُ سَاعَةً وَّلَا تَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿۳۰﴾ ع وَقَالَ الَّذِيْنَ
كَفَرُوْا لَنْ نُّؤْمِنَ بِهٰذَا الْقُرْاٰنِ وَلَا بِالَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ ؕ وَلَوْ
تَرٰٓى اِذِ الظّٰلِمُوْنَ مَوْقُوْفُوْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۖۚ يَرْجِعُ بَعْضُهُمْ اِلٰى بَعْضِ
اِۨلْقَوْلَ ۚ يَقُوْلُ الَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا لِلَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا لَوْلَاۤ اَنْتُمْ
لَكُنَّا مُؤْمِنِيْنَ ﴿۳۱﴾ قَالَ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا لِلَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْۤا اَنَحْنُ
صَدَدْنٰكُمْ عَنِ الْهُدٰى بَعْدَ اِذْ جَآءَكُمْ بَلْ كُنْتُمْ مُّجْرِمِيْنَ ﴿۳۲﴾

نڪي وٽس (ٻئي ڪنهن جي) سفارش فائدو ڏيندي، مگر جنهن لاءِ اجازت ڏني هوندائين (فرشتا ڪنهن حڪم نازل ٿيڻ مهل گهٻرائجي ويندا آهن) تانجو جنهن مهل سندن دلين کان پريشاني لهندي آهي (تنهن مهل) چوندا آهن ته اوهان جي پالڻهار ڇا چيو آهي؟ (مٿيان هيٺين کي) چوندا آهن ته سچ فرمايو اٿس ۽ اُهو (سڀ کان) مٿاهون وڏو آهي (٢٣). (ڪين) چؤ ته اوهان کي آسمانن ۽ زمين مان ڪير روزي ڏيندو آهي؟ چؤ ته الله (ڏيندو آهي) ۽ بيشڪ اسين يا اوهين (يا ته) هدايت تي آهيون يا پڌريءَ گمراهيءَ ۾ (٢٤). چؤ ته جيڪي اسان ڏوه ڪيا آهن، تنهن بابت اوهين نه پڇيا ويندؤ ۽ جيڪي اوهين ڪندا آهيو، تنهن بابت اسين نه پڇيا وينداسين (٢٥). چؤ ته اسان جو پالڻهار اسان (مڙني) کي گڏ ڪندو، وري اسان (۽ اوهان) جي وچ ۾ حق سان فيصلو ڪندو ۽ اُهو ئي (سچو) فيصلو ڪندڙ ڄاڻندڙ آهي (٢٦). چؤ ته، جن کي اوهان ساڻس شريڪ بڻائي ملايو آهي، سي مون کي ڏيکاريو (چؤ ته) اهڙيءَ طرح نه آهي. بلڪ اهو الله غالب حڪمت وارو آهي (٢٧). ۽ (اي پيغمبر!) تو کي ته مڙني ماڻهن لاءِ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليوسون، پر گهڻا ماڻهو نه ڄاڻندا آهن (٢٨). ۽ چوندا آهن ته جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته اِهو (قيامت جو) انجام ڪڏهن ٿيندو؟ (٢٩). چؤ ته، اوهان لاءِ اهڙي ڏينهن جو انجام آهي، جنهن کان هڪ گهڙي نڪي دير ڪندؤ ۽ نڪي اڳي ويندؤ (٣٠). ۽ ڪافر چون ٿا ته، هن قرآن کي ڪڏهن نه مڃيندا سون ۽ نڪي اُنهيءَ کي جيڪو ڪانئس اڳ آهي. ۽ (اي ڏسندڙ!) جڏهن ظالم پنهنجي پالڻهار جي اڳيان بيهاريا (تڏهن) جيڪڏهن ڏسين (ته عجب ڪرين)، جو (پاڻ ۾) اُنهن مان هڪڙا ٻين ڏي ڳالهه ورائيندا، جيڪي هيٺا آهن سي هٺيلن کي چوندا ته جيڪڏهن اوهين نه هجو ها ته اسين مؤمن هجون ها (٣١). هٺيلا هيٺن کي چوندا ته جڏهن (هدايت) اوهان وٽ آئي تڏهن اسان اوهان کي هدايت کان جهليو هو ڇا؟ (نه!) بلڪ اوهين پاڻ گنهگار هيؤ (٣٢).

وَقَالَ الَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا لِلَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا بَلْ مَكْرُ الَّيْلِ وَ
النَّهَارِ اِذْ تَاْمُرُوْنَنَآ اَنْ نَّكْفُرَ بِاللّٰهِ وَنَجْعَلَ لَهٗۤ اَنْدَادًا ؕ وَاَسَرُّوا
النَّدَامَةَ لَمَّا رَاَوُا الْعَذَابَ ؕ وَجَعَلْنَا الْاَغْلٰلَ فِيْۤ اَعْنَاقِ الَّذِيْنَ
كَفَرُوْا ؕ هَلْ يُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۳۳﴾ وَمَاۤ اَرْسَلْنَا فِيْ قَرْيَةٍ
مِّنْ نَّذِيْرٍ اِلَّا ۙ قَالَ مُتْرَفُوْهَاۤ ۙ اِنَّا بِمَاۤ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ كٰفِرُوْنَ ﴿۳۴﴾ وَ
قَالُوْا نَحْنُ اَكْثَرُ اَمْوَالًا وَّاَوْلَادًا ۙ وَّمَا نَحْنُ بِمُعَذَّبِيْنَ ﴿۳۵﴾ قُلْ
اِنَّ رَبِّيْ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَقْدِرُ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ
لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۳۶﴾ وَمَاۤ اَمْوَالُكُمْ وَلَاۤ اَوْلَادُكُمْ بِالَّتِيْ تُقَرِّبُكُمْ
عِنْدَنَا زُلْفٰۤى اِلَّا مَنْ اٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا ۫ فَاُولٰٓئِكَ لَهُمْ
جَزَآءُ الضِّعْفِ بِمَا عَمِلُوْا وَهُمْ فِي الْغُرُفٰتِ اٰمِنُوْنَ ﴿۳۷﴾ وَ
الَّذِيْنَ يَسْعَوْنَ فِيْۤ اٰيٰتِنَا مُعٰجِزِيْنَ اُولٰٓئِكَ فِي الْعَذَابِ
مُحْضَرُوْنَ ﴿۳۸﴾ قُلْ اِنَّ رَبِّيْ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ
مِنْ عِبَادِهٖ وَيَقْدِرُ لَهٗ ؕ وَمَاۤ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَهُوَ
يُخْلِفُهٗ ۚ وَهُوَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿۳۹﴾ وَيَوْمَ يَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا
ثُمَّ يَقُوْلُ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اَهٰٓؤُلَآءِ اِيَّاكُمْ كَانُوْا يَعْبُدُوْنَ ﴿۴۰﴾

۽ هيٺا هنيلن کي چوندا ته (ائين نه آهي) بلڪ رات ۽ ڏينهن جي (اوهان جي) فريب ڪرڻ (اسان کي جهليو هو) جڏهن اسان کي حڪم ڪندا هيؤ ته الله سان ڪفر ڪريون ۽ ساڻس شريڪ ٺهرايون. ۽ جڏهن عذاب کي ڏسندا (تڏهن) پشيماني (دل ۾) لڪائيندا ۽ ڪافرن جي ڳچين ۾ ڳٽ وجهنداسون. جيڪي ڪندا هيا تنهن کان سواءِ ٻئي جي سزا نه ڏبن (٣٣). ۽ ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪو ڊيڄاريندڙ نه موڪليوسون، مگر ان جي عياشين (ماڻهن) چيو ته، بيشڪ جنهن شيءِ سان اوهين موڪليا ويا آهيو، (تنهن کي) اسين نه مڃيندڙ آهيون (٣٤). ۽ چيائون ته اسين گهڻي مال ۽ اولاد وارا آهيون ۽ اسان کي عذاب ٿيڻو نه آهي (٣٥). چؤ ته منهنجو پالڻهار جنهن لاءِ گهري تنهن جي روزي ڪشادي ڪندو آهي ۽ (جنهن لاءِ گهري تنهن جي) تنگ ڪندو آهي، پر گهڻا ماڻهو نه ڄاڻندا آهن (٣٦). ۽ نڪي اوهان جا مال ۽ نڪي اوهان جا اولاد اهڙي شيءِ آهن، جو اوهان کي اسان وٽ مرتبي جي ڪري ويجهو ڪن، پر (ويجها اُهي آهن) جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن جيڪي ڪمايو، تنهن سببان اُنهن لاءِ ٻيڻو بدلو آهي ۽ اُهي بي ڀوا وڏين ماڙين ۾ رهندا (٣٧). ۽ جيڪي اسان جي آيتن (جي رد ڪرڻ) ۾ مقابلو ڪندڙ ٿي ڪوشش ڪندا آهن، اُهي عذاب ۾ حاضر ڪبا (٣٨). چؤ ته، بيشڪ منهنجو پالڻهار پنهنجن ٻانهن مان جنهن لاءِ گهرندو آهي، تنهن جي روزي ڪشادي ڪندو آهي ۽ (جنهن لاءِ گهرندو آهي تنهن جي) تنگ ڪندو آهي ۽ جيڪي اوهين ڪجهه خرچيندؤ، تنهن جو الله بدلو ڏيندو ۽ اهو چڱو روزي ڏيندڙ آهي (٣٩). ۽ جنهن ڏينهن اُنهن مڙني کي گڏ ڪندو وري ملائڪن کي چوندو ته (هي) اُهي آهن ڇا جي اوهان کي پوڄيندا هوا؟ (٤٠).

قَالُوْا سُبْحٰنَكَ اَنْتَ وَلِيُّنَا مِنْ دُوْنِهِمْ ۚ بَلْ كَانُوْا يَعْبُدُوْنَ
الْجِنَّ ۚ اَكْثَرُهُمْ بِهِمْ مُّؤْمِنُوْنَ ﴿۴۱﴾ فَالْيَوْمَ لَا يَمْلِكُ بَعْضُكُمْ
لِبَعْضٍ نَّفْعًا وَّلَا ضَرًّا ؕ وَنَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ذُوْقُوْا عَذَابَ
النَّارِ الَّتِيْ كُنْتُمْ بِهَا تُكَذِّبُوْنَ ﴿۴۲﴾ وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا
بَيِّنٰتٍ قَالُوْا مَا هٰذَا اِلَّا رَجُلٌ يُّرِيْدُ اَنْ يَّصُدَّكُمْ عَمَّا كَانَ
يَعْبُدُ اٰبَآؤُكُمْ ۚ وَقَالُوْا مَا هٰذَآ اِلَّآ اِفْكٌ مُّفْتَرًى ؕ وَقَالَ
الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلْحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمْ ۙ اِنْ هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿۴۳﴾
وَمَآ اٰتَيْنٰهُمْ مِّنْ كُتُبٍ يَّدْرُسُوْنَهَا وَمَآ اَرْسَلْنَآ اِلَيْهِمْ قَبْلَكَ
مِنْ نَّذِيْرٍ ﴿۴۴﴾ ؕ وَكَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۙ وَمَا بَلَغُوْا مِعْشَارَ
مَآ اٰتَيْنٰهُمْ فَكَذَّبُوْا رُسُلِيْ ۣ فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ﴿۴۵﴾ ع قُلْ اِنَّمَآ
اَعِظُكُمْ بِوَاحِدَةٍ ۚ اَنْ تَقُوْمُوْا لِلّٰهِ مَثْنٰى وَفُرَادٰى ثُمَّ
تَتَفَكَّرُوْا ۣ مَا بِصَاحِبِكُمْ مِّنْ جِنَّةٍ ؕ اِنْ هُوَ اِلَّا نَذِيْرٌ لَّكُمْ
بَيْنَ يَدَيْ عَذَابٍ شَدِيْدٍ ﴿۴۶﴾ قُلْ مَا سَاَلْتُكُمْ مِّنْ اَجْرٍ
فَهُوَ لَكُمْ ؕ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ ۚ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ
شَهِيْدٌ ﴿۴۷﴾ قُلْ اِنَّ رَبِّيْ يَقْذِفُ بِالْحَقِّ ۚ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ ﴿۴۸﴾

(ملائڪ) چوندا ته تون پاڪ ذات آهين، اسان جو تون سائين آهين، نه اُهي. بلڪ اُهي جنن کي پوڄيندا هئا، انهن مان گهڻا ڪين مڃيندڙ هئا (٤١). پوءِ اڄ اوهان مان ڪوبه هڪ ٻئي کي نڪي سک پهچائڻ جو ۽ نڪي ڏک پهچائڻ جو اختيار رکي ٿو ۽ ظالمن کي چونداسون ته اُن باه جي سزا (جو مزو) چکو، جنهن کي اوهين ڪوڙ ڀانئيندا هيؤ (٤٢). ۽ جڏهن اسان جون پڌريون آيتون کين پڙهي ٻڌائبيون آهن، تڏهن (هڪ ٻئي کي) چوندا آهن ته هيءُ رڳو هڪڙو ماڻهو آهي، جو جنهن کي اوهان جا پيءُ ڏاڏا پوڄيندا هئا، تنهن کان اوهان کي جهلڻ گهرندو آهي ۽ چوندا آهن ته هيءُ (قرآن) رڳو ڪوڙو ناهه آهي ۽ ڪافرن وٽ جڏهن سچي ڳالهه آئي (تڏهن) اُن لاءِ چوندا آهن ته هيءُ رڳو پڌرو جادو آهي (٤٣). حالانڪ اُنهن (مشرڪن) کي نڪي ڪو ڪتاب ڏنوسون جنهن کي پڙهن، ۽ نڪي تو کان اڳ ڪو ڊيڄاريندڙ اُنهن ڏانهن موڪليوسون (٤٤). ۽ ڪائنن اڳين به ڪوڙ ڄاتو هو، حالانڪ جيڪي اُنهن کي ڏنو هيوسون تنهن جي ڏهينءَ پتيءَ کي به (اُهي مشرڪ) نه پهتا آهن، پوءِ انهن اسان جي پيغمبرن کي ڪوڙو ڀانيو. پوءِ منهنجو عذاب ڪيئن هو؟ (٤٥). (ڪين) چؤ ته اوهان کي رڳو هڪ ڳالهه جي نصيحت ڪريان ٿو، ته ٻه ٻه ۽ هڪ هڪ ٿي الله (جي ڪم) لاءِ ڪڙا ٿيو، وري سوچيو (ته) اوهان جي سنگتيءَ کي ڪا چريائي نه آهي، (بلڪ) اُهو ته سخت عذاب (جي پهچڻ) کان اڳ اوهان کي ڊيڄاريندڙ آهي (٤٦). (ڪين) چؤ ته اوهان کان ڪوئي اجورو گهريو هجيم سو اوهان کي ئي هجي، منهنجو اجورو الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن تي نه آهي ۽ اهو هر شيءِ تي شاهد آهي (٤٧). (ڪين) چؤ ته، بيشڪ منهنجو پالڻهار حق کي منهنجي دل ۾ وجهندو آهي، (اُهو) ڳجهن جو ڄاڻندڙ آهي (٤٨).

قُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَمَا يُبْدِئُ الْبَاطِلُ وَمَا يُعِيْدُ ﴿٤٩﴾ قُلْ اِنْ
ضَلَلْتُ فَاِنَّمَآ اَضِلُّ عَلٰى نَفْسِىْ ۚ وَاِنِ اهْتَدَيْتُ فَبِمَا يُوْحِىْٓ
اِلَىَّ رَبِّىْ ؕ اِنَّهٗ سَمِيْعٌ قَرِيْبٌ ﴿٥٠﴾ وَلَوْ تَرٰٓى اِذْ فَزِعُوْا فَلَا فَوْتَ
وَاُخِذُوْا مِنْ مَّكَانٍ قَرِيْبٍ ﴿٥١﴾ ۙ وَّقَالُوْٓا اٰمَنَّا بِهٖ ۚ وَاَنّٰى لَهُمُ
التَّنَاوُشُ مِنْ مَّكَانٍۢ بَعِيْدٍ ﴿٥٢﴾ ۚ وَّقَدْ كَفَرُوْا بِهٖ مِنْ قَبْلُ ۚ
وَيَقْذِفُوْنَ بِالْغَيْبِ مِنْ مَّكَانٍۢ بَعِيْدٍ ﴿٥٣﴾ وَحِيْلَ بَيْنَهُمْ وَبَيْنَ مَا
يَشْتَهُوْنَ كَمَا فُعِلَ بِاَشْيَاعِهِمْ مِّنْ قَبْلُ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا فِىْ شَكٍّ مُّرِيْبٍ ﴿٥٤﴾ ع

## سُوْرَةُ فَاطِرٍ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ جَاعِلِ الْمَلٰٓئِكَةِ رُسُلًا
اُولِىْٓ اَجْنِحَةٍ مَّثْنٰى وَثُلٰثَ وَرُبٰعَ ؕ يَزِيْدُ فِى الْخَلْقِ مَا يَشَآءُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ
عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١﴾ مَا يَفْتَحِ اللّٰهُ لِلنَّاسِ مِنْ رَّحْمَةٍ فَلَا مُمْسِكَ
لَهَا ۚ وَمَا يُمْسِكْ ۙ فَلَا مُرْسِلَ لَهٗ مِنْۢ بَعْدِهٖ ؕ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٢﴾
يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ ؕ هَلْ مِنْ خَالِقٍ غَيْرُ اللّٰهِ
يَرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ ؕ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۫ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ﴿٣﴾

(ڪين) چؤ تہ، حق آيو ۽ ڪوڙو (معبود) نڪي نئين سر پيدا ڪري ٿو ۽ نڪي ٻيهر پيدا ڪندو (٤٩). (ڪين) چؤ تہ، جيڪڏهن گمراه ٿيس تہ رڳو پاڻ لاءِ گمراه ٿيان ٿو ۽ جيڪڏهن هدايت وارو ٿيس تہ (اُها) اُنهيءَ سببان آهي جو منهنجو پالڻهار مون ڏانهن وحي موڪليندو آهي، بيشڪ اُهو ٻڌندڙ ويجهو آهي (٥٠). ۽ جنهن مهل پريشان ٿيندا ۽ (الله جي عذاب ڪان) ڇوٽڪارو ڪونہ لهندا ۽ ويجهي هنڌان پڪڙبا (تنهن مهل) جيڪڏهن ڏسين (تہ عجب ڪرين!) (٥١). ۽ چوندا تہ (هاڻي) اُن (قرآن) تي ايمان آندوسون ۽ (اُتي دنيا جي) پري واري هنڌ کان ڪين (ايمان) ڪٿان هٿ ايندو؟ (٥٢). حالانڪ اڳي اُن قران کي نہ مڃيندا هئا ۽ پري واري هنڌ کان اڻ ڏٺو (گمان جا تير) اُڇليندا رهيا (٥٣). ۽ اُنهن جي ۽ اُهي جيڪي سڌون ڪندا رهيا تن جي وچ ۾ اَڙ وڌي ويئي جهڙيءَ طرح انهن جهڙن (ٻين) سان اڳ ڪيو ويو، ڇو تہ اُهي بہ وڏي شڪ ۾ پيل هئا (٥٤).

**سورة فاطر مڪي آهي ۽ هن ۾ پنجيتاليھ آيتون ۽ پنج رڪوع آهي.**

**الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)**

سڀ ساراهہ خاص الله کي جڳائي جو آسمانن ۽ زمين جو بڻائيندڙ آهي، ملائڪن کي قاصد ڪرڻ وارو آهي، جو ٻـن ٻـن ۽ ٽـن ٽـن ۽ چئن چئن پَرَن وارا آهن، جيڪي گهري سو (سندن) خلقت ۾ وڌائي ٿو، ڇو تہ الله هر شيءِ تي وس وارو آهي (١). الله ماڻهن لاءِ (پنهجيءَ) ٻاجهہ مان جيڪي کوليندو تنهن کي ڪو بند ڪرڻ وارو نہ آهي ۽ جيڪي بند ڪندو تنهن کي ان (جي بند ڪرڻ) کان پوءِ ڪو کولڻ وارو نہ آهي ۽ اهو غالب حڪمت وارو آهي (٢). اي انسانؤ! پاڻ تي الله جون نعمتون ياد ڪيو، الله کان سواءِ ڪو خلقيندڙ آهي ڇا؟ جو آسمان ۽ زمين مان اوهان کي روزي ڏئي ٿو، ان (الله) کان سواءِ ڪو عبادت جو لائق نہ آهي، پوءِ ڪيڏانهن ڦيرايا ويندا آهيو؟ (٣).

وَاِنۡ يُّكَذِّبُوۡكَ فَقَدۡ كُذِّبَتۡ رُسُلٌ مِّنۡ قَبۡلِكَ‌ؕ وَاِلَى اللّٰهِ تُرۡجَعُ
الۡاُمُوۡرُ ﴿۴﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّ وَعۡدَ اللّٰهِ حَقٌّ فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الۡحَيٰوةُ
الدُّنۡيَا وقفة وَلَا يَغُرَّنَّكُمۡ بِاللّٰهِ الۡغَرُوۡرُ ﴿۵﴾ اِنَّ الشَّيۡطٰنَ لَـكُمۡ عَدُوٌّ فَاتَّخِذُوۡهُ
عَدُوًّا‌ؕ اِنَّمَا يَدۡعُوۡا حِزۡبَهٗ لِيَكُوۡنُوۡا مِنۡ اَصۡحٰبِ السَّعِيۡرِؕ ﴿۶﴾ اَلَّذِيۡنَ
كَفَرُوۡا لَهُمۡ عَذَابٌ شَدِيۡدٌ ؕ وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمۡ
مَّغۡفِرَةٌ وَّاَجۡرٌ كَبِيۡرٌ ﴿۷﴾ ع اَفَمَنۡ زُيِّنَ لَهٗ سُوۡٓءُ عَمَلِهٖ فَرَاٰهُ حَسَنًا ؕ فَاِنَّ
اللّٰهَ يُضِلُّ مَنۡ يَّشَآءُ وَيَهۡدِىۡ مَنۡ يَّشَآءُ ‌ۖ فَلَا تَذۡهَبۡ نَفۡسُكَ
عَلَيۡهِمۡ حَسَرٰتٍ‌ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيۡمٌۢ بِمَا يَصۡنَعُوۡنَ ﴿۸﴾ وَاللّٰهُ الَّذِىۡۤ اَرۡسَلَ
الرِّيٰحَ فَتُثِيۡرُ سَحَابًا فَسُقۡنٰهُ اِلٰى بَلَدٍ مَّيِّتٍ فَاَحۡيَيۡنَا بِهِ الۡاَرۡضَ
بَعۡدَ مَوۡتِهَا ‌ؕ كَذٰلِكَ النُّشُوۡرُ ﴿۹﴾ مَنۡ كَانَ يُرِيۡدُ الۡعِزَّةَ فَلِلّٰهِ الۡعِزَّةُ
جَمِيۡعًا ‌ؕ اِلَيۡهِ يَصۡعَدُ الۡـكَلِمُ الطَّيِّبُ وَالۡعَمَلُ الصَّالِحُ يَرۡفَعُهٗ‌ ؕ وَ
الَّذِيۡنَ يَمۡكُرُوۡنَ السَّيِّاٰتِ لَهُمۡ عَذَابٌ شَدِيۡدٌ‌ ؕ وَمَكۡرُ اُولٰٓـئِكَ هُوَ
يَبُوۡرُ ﴿۱۰﴾ وَاللّٰهُ خَلَقَكُمۡ مِّنۡ تُرَابٍ ثُمَّ مِنۡ نُّطۡفَةٍ ثُمَّ جَعَلَـكُمۡ
اَزۡوَاجًا ‌ؕ وَمَا تَحۡمِلُ مِنۡ اُنۡثٰى وَلَا تَضَعُ اِلَّا بِعِلۡمِهٖ‌ ؕ وَمَا يُعَمَّرُ مِنۡ
مُّعَمَّرٍ وَّلَا يُنۡقَصُ مِنۡ عُمُرِهٖۤ اِلَّا فِىۡ كِتٰبٍ‌ ؕ اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيۡرٌ ﴿۱۱﴾

۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن تو کي ڪوڙو ڀانئين ته بيشڪ تو کان اڳ (ٻيا ڪيترائي) پيغمبر ڪوڙا ڀانيا ويا ۽ سڀ ڪم الله ڏانهن موٽائجن ٿا (۴). اي انسانؤ! بيشڪ الله جو انجام سچو آهي، تنهن ڪري نڪي اوهان کي دنيا جي حياتي ٺڳي ۽ نڪي ٺڳيندڙ (شيطان) الله بابت اوهان کي ٺڳي (٥). بيشڪ شيطان اوهان جو ويري آهي، تنهن ڪري ان کي ويري (ڪري) وٺو (هو) پنهنجيءَ ٽوليءَ کي رڳو هن لاءِ سڏيندو آهي ته دوزخين مان ٿين (٦). جن ڪفر ڪيو، تن لاءِ سخت عذاب آهي ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ بخشش ۽ وڏو اَجر آهي (٧). جنهن لاءِ سندس بڇڙو ڪم سينگاريو ويو، پوءِ اُن کي هن چڱو (ڪري) ڏٺو (سو چڱي ڪم ڪندڙ جهڙو هوندو) ڇا؟ پوءِ بيشڪ الله جنهن کي گهرندو آهي، تنهن کي گمراه ڪندو آهي ۽ جنهن کي گهرندو آهي، تنهن کي هدايت ڪندو آهي، تنهن ڪري مٿن ارمان ڪرڻ سببان تنهنجو ساهه نه وڃي! ڇو ته جيڪي ڪندا آهن، سو الله ڄاڻندڙ آهي (٨). ۽ الله اُهو آهي، جنهن وائن کي موڪليو، پوءِ انهن ڪڪر کي ڪنيو، پوءِ ان (ڪڪر) کي ويران ڳوٺ ڏانهن روانو ڪيوسون، پوءِ اُن (جي پاڻيءَ) سان زمين کي سندس ويرانيءَ کان پوءِ جياريوسون، اهڙيءَ طرح (قبرن مان) مُئن جو اٿڻ آهي (٩). جيڪو مانُ گهري (سو ياد رکي) ته سڀ مان الله لاءِ ئي آهي (اُن وٽان عزت ملندي آهي). ڏانهس پاڪ سخن چڙهندو آهي ۽ ان (پاڪ سخن کي) کي چڱو عمل مٿي چاڙهيندو آهي ۽ جيڪي بڇڙائين جي رٿ ڪندا آهن تن لاءِ سخت عذاب آهي ۽ اُها رٿ انهن جي برباد ٿيندي (١٠). ۽ الله اوهان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو، وري نطفي مان (بڻايائين) وري اوهان کي جوڙو جوڙو (مڙس ۽ زال) ڪيائين ۽ مادين مان ڪابه سندس علم کان سواءِ نڪي ڏُکي ٿيندي آهي ۽ نڪي ڄڻيندي آهي ۽ نڪي ڪنهن وڏي عمر واري کي ڄمار ڏبي آهي ۽ نڪي سندس ڄمار مان (ڪجهه) گهٽائبو آهي، مگر (اُهو) ڪتاب ۾ (لکيل) آهي. بيشڪ اهو (ڪم) الله تي آسان آهي (١١).

وَمَا يَسْتَوِي الْبَحْرٰنِ ۖ هٰذَا عَذْبٌ فُرَاتٌ سَآئِغٌ شَرَابُهٗ وَ
هٰذَا مِلْحٌ اُجَاجٌ ؕ وَمِنْ كُلٍّ تَاْكُلُوْنَ لَحْمًا طَرِيًّا وَّتَسْتَخْرِجُوْنَ
حِلْيَةً تَلْبَسُوْنَهَا ۚ وَتَرَى الْفُلْكَ فِيْهِ مَوَاخِرَ لِتَبْتَغُوْا مِنْ
فَضْلِهٖ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۱۲﴾ يُوْلِجُ الَّيْلَ فِي النَّهَارِ وَيُوْلِجُ النَّهَارَ
فِي الَّيْلِ ۙ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ ۖ كُلٌّ يَّجْرِيْ لِاَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ
ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ لَهُ الْمُلْكُ ؕ وَالَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ مَا
يَمْلِكُوْنَ مِنْ قِطْمِيْرٍ ؕ ﴿۱۳﴾ اِنْ تَدْعُوْهُمْ لَا يَسْمَعُوْا دُعَآءَكُمْ ۚ وَلَوْ
سَمِعُوْا مَا اسْتَجَابُوْا لَكُمْ ؕ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ يَكْفُرُوْنَ بِشِرْكِكُمْ ؕ
وَلَا يُنَبِّئُكَ مِثْلُ خَبِيْرٍ ﴿۱۴﴾ ع يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اَنْتُمُ الْفُقَرَآءُ اِلَى
اللّٰهِ ۚ وَاللّٰهُ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿۱۵﴾ اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ
وَيَاْتِ بِخَلْقٍ جَدِيْدٍ ﴿۱۶﴾ ۚ وَمَا ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ بِعَزِيْزٍ ﴿۱۷﴾ وَ
لَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ؕ وَاِنْ تَدْعُ مُثْقَلَةٌ اِلٰى حِمْلِهَا
لَا يُحْمَلْ مِنْهُ شَيْءٌ وَّلَوْ كَانَ ذَا قُرْبٰى ؕ اِنَّمَا تُنْذِرُ
الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَيْبِ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ ؕ
وَمَنْ تَزَكّٰى فَاِنَّمَا يَتَزَكّٰى لِنَفْسِهٖ ؕ وَاِلَى اللّٰهِ الْمَصِيْرُ ﴿۱۸﴾

۽ (اُهي) ٻـ درياءَ هڪ جهڙا نہ آهن، (جن مان) هيءُ هڪ مٺو اُڃ لاهيندڙ آهي، سندس پاڻي وڻندڙ آهي ۽ اُهو (ٻيو) کارو ڪوڙو آهي ۽ هرهڪ مان (مڇيءَ جو) تازو گوشت کائيندا آهيو ۽ زيور (يعني موتي منجهائنئن) ڪڍندا آهيو جي پائيندا آهيو ۽ منجهس (پاڻيءَ کي) چيريندڙ ٻيڙيون ڏسندو آهين، (هن لاءِ) تہ سندس فضل مان (روزي) طلب ڪريو ۽ مَنَ اوهين شڪرانو ڪريو (١٢). رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪندو آهي ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل ڪندو آهي ۽ سج ۽ چنڊ کي تابع ڪيائين، هرهڪ مقرر وقت تي هلندو آهي، اُهو الله اوهان جو پالڻهار آهي، اُن جي بادشاهي آهي ۽ جن کي الله کان سواءِ سڏيندا آهيو، سي کارڪ جي ککڙيءَ جي تند (جيتري ذري) جا (بہ) مالڪ نہ آهن (١٣). جيڪڏهن کين سڏيو تہ اوهان جو سڏ نہ ٻڌندا آهن ۽ جيڪڏهن (ڪٿي) ٻڌن (بہ) تہ بہ اوهان کي ورندي نہ ڏيندا ۽ قيامت جي ڏينهن اوهان جي شريڪ ٺهرائڻ جا منڪر ٿيندا ۽ توکي خبر رکندڙ جهڙي ڪوبہ خبر نہ ڏيندو (١٤). اي انسانؤ! اوهين الله ڏانهن محتاج آهيو ۽ الله اهو ئي بي پرواه ساراهيل آهي (١٥). جيڪڏهن گهري تہ اوهان کي ناس ڪري ۽ نئين خلق پيدا ڪري (١٦). ۽ اهو (ڪم) الله لاءِ اوکو نہ آهي (١٧). ۽ ڪوبہ بار کڻندڙ ٻئي جو بار نہ کڻندو ۽ جيڪڏهن (گناهن جي) ڳوري بار وارو پنهنجي بار کڻڻ ڏانهن ڪنهن کي سڏيندو، توڻيڪ مائٽيءَ وارو هوندو تہ بہ منجهانئس ڪجھ نہ کنيو ويندو. تون تہ انهن کي ڊيڄاري سگهندين، جيڪي پنهنجي پالڻهار کان پريٺ ڊڄندا آهن ۽ نماز پڙهندا آهن ۽ جيڪو پاڪائي ڪري ٿو سو رڳو پاڻ لاءِ پاڪائي ڪري ٿو ۽ الله ڏانهن موٽڻو آهي (١٨).

وَمَا يَسْتَوِي الْأَعْمٰى وَالْبَصِيْرُ ﴿١٩﴾ وَلَا الظُّلُمٰتُ وَلَا النُّوْرُ ﴿٢٠﴾
وَلَا الظِّلُّ وَلَا الْحَرُوْرُ ﴿٢١﴾ وَمَا يَسْتَوِي الْأَحْيَآءُ وَلَا الْأَمْوَاتُ
إِنَّ اللّٰهَ يُسْمِعُ مَنْ يَّشَآءُ وَمَآ أَنْتَ بِمُسْمِعٍ مَّنْ فِي
الْقُبُوْرِ ﴿٢٢﴾ إِنْ أَنْتَ إِلَّا نَذِيْرٌ ﴿٢٣﴾ إِنَّآ أَرْسَلْنٰكَ بِالْحَقِّ
بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا وَإِنْ مِّنْ أُمَّةٍ إِلَّا خَلَا فِيْهَا نَذِيْرٌ ﴿٢٤﴾
وَإِنْ يُّكَذِّبُوْكَ فَقَدْ كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ جَآءَتْهُمْ
رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ وَبِالزُّبُرِ وَبِالْكِتٰبِ الْمُنِيْرِ ﴿٢٥﴾ ثُمَّ
أَخَذْتُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ﴿٢٦﴾ أَلَمْ تَرَ أَنَّ
اللّٰهَ أَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَأَخْرَجْنَا بِهٖ ثَمَرٰتٍ مُّخْتَلِفًا
أَلْوَانُهَا وَمِنَ الْجِبَالِ جُدَدٌ بِيْضٌ وَّحُمْرٌ مُّخْتَلِفٌ
أَلْوَانُهَا وَغَرَابِيْبُ سُوْدٌ ﴿٢٧﴾ وَمِنَ النَّاسِ وَالدَّوَآبِّ
وَالْأَنْعَامِ مُخْتَلِفٌ أَلْوَانُهٗ كَذٰلِكَ إِنَّمَا يَخْشَى اللّٰهَ
مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمٰٓؤُا إِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ غَفُوْرٌ ﴿٢٨﴾ إِنَّ الَّذِيْنَ
يَتْلُوْنَ كِتٰبَ اللّٰهِ وَأَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَأَنْفَقُوْا مِمَّا
رَزَقْنٰهُمْ سِرًّا وَّعَلَانِيَةً يَّرْجُوْنَ تِجَارَةً لَّنْ تَبُوْرَ ﴿٢٩﴾

۽ اَنڌو ۽ سڄو برابر نہ آهن (١٩). ۽ نڪي اونداهيون ۽ نڪي سوجهرو (٢٠). ۽ نڪي ڇانوَ ۽ نڪي اُس (پاڻ ۾ هڪ جهڙا آهن) (٢١). ۽ نڪي جيئرا ۽ نڪي مُئا برابر ٿين ٿا، بيشڪ الله جنهن کي گهري تنهن کي ٻڌائيندو آهي ۽ تون ڪو قبرن وارن کي ٻڌائيندڙ نہ آهين (٢٢). تون تہ رڳو ڊيڄاريندڙ آهين (٢٣). بيشڪ اسان توکي سچي دين سان خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو ۽ اهڙي ڪا ٽولي آهي ئي ڪانہ جنهن ۾ ڪو ڊيڄاريندڙ نہ گذريو آهي (٢۴). ۽ جيڪڏهن تو کي ڪوڙو ڀانئين ٿا تہ ڪانئن اڳين بہ بيشڪ ڪوڙو ڀانيو هو، جن وٽ سندن پيغمبر چٽن معجزن سان ۽ صحيفن سان ۽ روشن ڪتابن سان آيا هئا (٢٥). وري ڪافرن کي پڪڙيم، پوءِ منهنجي سزا ڪيئن هئي! (٢٦). نہ ڏٺو اٿئي ڇا تہ الله آسمان کان پاڻي وسايو، پوءِ ان سان ميوا پيدا ڪيا سون، جن جا رنگ قسمين قسمين آهن ۽ جبلن مان ڌارون آهن، ڪي اڇيون ۽ ڪي ڳاڙهيون انهن جا طرحين طرحين رنگ آهن ۽ ڪي نهايت ڪاريون (بہ) آهن (٢٧). ۽ اهڙيءَ طرح ماڻهن ۽ چرندڙن (ساهدارن) ۽ ڍورن مان (بہ) جو اُنهن جا رنگ طرح طرح جا آهن، (ٻڌاياسين). الله کان سندس ٻانهن مان رڳو علم وارا ڊڄندا آهن، بيشڪ الله غالب بخشڻهار آهي (٢٨). بيشڪ جيڪي (ماڻهو) الله جو ڪتاب پڙهندا آهن ۽ نماز (پوريءَ طرح) پڙهندا آهن ۽ جيڪي ڪين ڏنوسون، تنهن مان ڳجهو ۽ پڌرو خرچيندا آهن، سي اهڙي واپار جي اميد رکندا آهن، جو ڪڏهن نہ برباد ٿيندو (٢٩).

لِيُوَفِّيَهُمْ أُجُورَهُمْ وَيَزِيدَهُم مِّن فَضْلِهِۦ ۚ إِنَّهُۥ غَفُورٌ
شَكُورٌ ﴿٣٠﴾ وَالَّذِىٓ أَوْحَيْنَآ إِلَيْكَ مِنَ الْكِتٰبِ هُوَ الْحَقُّ مُصَدِّقًا
لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ ۗ إِنَّ اللّٰهَ بِعِبَادِهِۦ لَخَبِيرٌۢ بَصِيرٌ ﴿٣١﴾ ثُمَّ أَوْرَثْنَا
الْكِتٰبَ الَّذِينَ اصْطَفَيْنَا مِنْ عِبَادِنَا ۚ فَمِنْهُمْ ظَالِمٌ لِّنَفْسِهِۦ ۚ
وَمِنْهُم مُّقْتَصِدٌ ۚ وَمِنْهُمْ سَابِقٌۢ بِالْخَيْرٰتِ بِإِذْنِ اللّٰهِ ۗ ذٰلِكَ
هُوَ الْفَضْلُ الْكَبِيرُ ﴿٣٢﴾ جَنّٰتُ عَدْنٍ يَدْخُلُونَهَا يُحَلَّوْنَ
فِيهَا مِنْ أَسَاوِرَ مِن ذَهَبٍ وَلُؤْلُؤًا ۚ وَلِبَاسُهُمْ فِيهَا حَرِيرٌ ﴿٣٣﴾
وَقَالُوا الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِىٓ أَذْهَبَ عَنَّا الْحَزَنَ ۗ إِنَّ رَبَّنَا
لَغَفُورٌ شَكُورٌ ﴿٣٤﴾ الَّذِىٓ أَحَلَّنَا دَارَ الْمُقَامَةِ مِن فَضْلِهِۦ ۚ
لَا يَمَسُّنَا فِيهَا نَصَبٌ وَلَا يَمَسُّنَا فِيهَا لُغُوبٌ ﴿٣٥﴾ وَالَّذِينَ كَفَرُوا
لَهُمْ نَارُ جَهَنَّمَ ۚ لَا يُقْضٰى عَلَيْهِمْ فَيَمُوتُوا وَلَا يُخَفَّفُ
عَنْهُم مِّنْ عَذَابِهَا ۗ كَذٰلِكَ نَجْزِى كُلَّ كَفُورٍ ﴿٣٦﴾ وَهُمْ
يَصْطَرِخُونَ فِيهَا ۚ رَبَّنَآ أَخْرِجْنَا نَعْمَلْ صٰلِحًا غَيْرَ
الَّذِى كُنَّا نَعْمَلُ ۗ أَوَلَمْ نُعَمِّرْكُم مَّا يَتَذَكَّرُ فِيهِ مَن
تَذَكَّرَ وَجَآءَكُمُ النَّذِيرُ ۖ فَذُوقُوا فَمَا لِلظّٰلِمِينَ مِن نَّصِيرٍ ﴿٣٧﴾

(هن لاءِ) تہ الله کين سندن اجر پورو ڏئي ۽ پنهنجي فضل سان کين وڌيڪ بہ ڏئي، ڇو تہ اُهو بخشڻهار قدر ڄاڻندڙ آهي (٣٠). ۽ جيڪي تو ڏانهن ڪتاب مان وحي ڪيوسون سو سچ آهي، جيڪي کانئس اڳ آهن، تن کي بہ سچو ڪندڙ آهي. بيشڪ الله پنهجن ٻانهن جي خبر رکندڙ ڏسندڙ آهي (٣١). وري انهن کي ڪتاب جو وارث ڪيوسون، جن کي پنهنجن ٻانهن مان چونڊيوسون، پوءِ منجهانئن ڪي پاڻ لاءِ ظالم آهن، ۽ منجهانئن ڪي وچترا آهن ۽ منجهانئن ڪي الله جي حڪم سان چڱائين ۾ اڳرائي ڪندڙ آهن. اِهو ئي وڏو فضل آهي (٣٢). (اُنهن لاءِ) هميشہ وارا باغ (آهن) جن ۾ (اُهي) گهڙندا منجهن سونَ جا ڪنگڻ ۽ موتي پهرائبن ۽ انهن ۾ سندن لباس پَٽ هوندو (٣٣). ۽ چوندا تہ، سڀ ساراه انهيءَ الله کي جڳائي، جنهن اسان کان (سڀ) ڏک ٽاريا، بيشڪ اسان جو پالڻهار بخشڻهار قدر ڄاڻندڙ آهي (٣٤). جنهن اسان کي پنهنجي فضل سان سدائين رهڻ واري هنڌ لاٿو، نڪي اسان کي منجهس ڪو ڏک پهچندو ۽ نڪي اسان کي منجهس ڪو ٿَڪ پهچندو (٣٥). ۽ جن ڪفر ڪيو تن لاءِ دوزخ جي باهہ آهي، نڪي مٿن حڪم ڪبو تہ مرَن ۽ نڪي کانئن اُن جي عذاب مان ڪجهہ هلڪو ڪبو، سڀ ڪنهن بي شڪر کي اهڙيءَ طرح سزا ڏيندا آهيون (٣٦). ۽ اُهي (دوزخي) منجهس دانهون ڪندا، تہ اي اسان جا پالڻهار! اسان کي ڪڍ تہ جيڪي ڪم ڪندا هئاسون، تن ڌاران ٻيا چڱا ڪم ڪريون (چيو ويندن تہ) اوهان کي ايتري ڄمار نہ ڏني هئي سون ڇا؟ تہ، جيڪو نصيحت وٺڻ گهري ها سو منجهس نصيحت وٺي سگهي ها ۽ اوهان وٽ ڊيڄاريندڙ (بہ) آيو. تنهن ڪري (پنهنجيءَ ڪمائيءَ جو مزو) چکو، ڇو تہ ظالمن جو ڪو مددگار نہ آهي (٣٧).

اِنَّ اللّٰهَ عٰلِمُ غَيْبِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ
الصُّدُوْرِ ﴿٣٨﴾ هُوَ الَّذِيْ جَعَلَكُمْ خَلٰٓئِفَ فِي الْاَرْضِ ؕ فَمَنْ كَفَرَ
فَعَلَيْهِ كُفْرُهٗ ؕ وَلَا يَزِيْدُ الْكٰفِرِيْنَ كُفْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ اِلَّا
مَقْتًا ۚ وَلَا يَزِيْدُ الْكٰفِرِيْنَ كُفْرُهُمْ اِلَّا خَسَارًا ﴿٣٩﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ
شُرَكَآءَكُمُ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ اَرُوْنِيْ مَاذَا خَلَقُوْا
مِنَ الْاَرْضِ اَمْ لَهُمْ شِرْكٌ فِي السَّمٰوٰتِ ۚ اَمْ اٰتَيْنٰهُمْ كِتٰبًا
فَهُمْ عَلٰى بَيِّنَتٍ مِّنْهُ ۚ بَلْ اِنْ يَّعِدُ الظّٰلِمُوْنَ بَعْضُهُمْ
بَعْضًا اِلَّا غُرُوْرًا ﴿٤٠﴾ اِنَّ اللّٰهَ يُمْسِكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ
اَنْ تَزُوْلَا ۚ وَلَئِنْ زَالَتَآ اِنْ اَمْسَكَهُمَا مِنْ اَحَدٍ مِّنْۢ
بَعْدِهٖ ؕ اِنَّهٗ كَانَ حَلِيْمًا غَفُوْرًا ﴿٤١﴾ وَاَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ
اَيْمَانِهِمْ لَئِنْ جَآءَهُمْ نَذِيْرٌ لَّيَكُوْنُنَّ اَهْدٰى مِنْ اِحْدَى
الْاُمَمِ ۚ فَلَمَّا جَآءَهُمْ نَذِيْرٌ مَّا زَادَهُمْ اِلَّا نُفُوْرًا ﴿٤٢﴾ ۙ اِسْتِكْبَارًا
فِي الْاَرْضِ وَمَكْرَ السَّيِّئِ ؕ وَلَا يَحِيْقُ الْمَكْرُ السَّيِّئُ اِلَّا
بِاَهْلِهٖ ؕ فَهَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا سُنَّتَ الْاَوَّلِيْنَ ۚ فَلَنْ تَجِدَ
لِسُنَّتِ اللّٰهِ تَبْدِيْلًا ۚ وَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّتِ اللّٰهِ تَحْوِيْلًا ﴿٤٣﴾

بيشڪ الله آسمانن ۽ زمين جو ڳجھ ڄاڻندڙ آهي، بيشڪ اُهو سينن وارو (ڳجھ به) ڄاڻندڙ آهي (٣٨). (الله) اُهو آهي، جنهن اوهان کي زمين ۾ (اڳين جو) پيڙهيءَ وارو ڪيو، پوءِ جيڪو ڪفر ڪندو، تنهن تي سندس ڪفر (جو نقصان) آهي ۽ نڪي ڪافرن لاءِ سندن ڪفر سندن پالڻهار وٽ ڏمر کان سواءِ (ٻيو ڪجھ) وڌائيندو ۽ نڪي ڪافرن لاءِ سندن ڪفر نقصان کان سواءِ (ٻيو ڪجھ) وڌائيندو (٣٩). (ڪين) چئو ته، الله کان سواءِ جن پنهنجن (ٺهرايلن) بتن کي سڏيندا آهيو، سي ڏٺا اٿو ڇا؟ مون کي ڏيکاريو ته زمين مان ڇا بڻايو اٿن؟ يا آسمانن ۾ سندن ڪا ڀائيواري آهي ڇا؟ يا کين ڪو ڪتاب ڏنو اٿون ڇا؟ جو اُهي اُن جي پڌريءَ حجت تي آهن؟ (نه!) بلڪ ظالم هڪ ٻئي کي رڳو ٺڳيءَ جو انجام ڏيندا آهن (٤٠). بيشڪ الله آسمانن ۽ زمين کي ٽرڻ کان نگاهه (۾) رکندو آهي ۽ جيڪڏهن ٽرِيا ته الله کان پوءِ انهن کي روڪي نه سگهندو. بيشڪ اهو بردبار بخشڻهار آهي (٤١). ۽ انهن پنهنجن پڪن قسمن سان الله جو قسم کنيو ته جيڪڏهن وٽن ڪو ڊيڄاريندڙ آيو ته هرهڪ امت کان وڌيڪ هدايت وارا ٿيندا، پوءِ جنهن مهل ڊيڄاريندڙ وٽن آيو، (تنهن مهل اُن جي اچڻ) رڳو سندن نفرت وڌائي (٤٢). ملڪ ۾ وڏائي ڪرڻ ۽ بچڙيءَ رٿ رٿڻ سبب (نفرت ڪيائون) ۽ بچڙيءَ رٿ رٿڻ (جو نتيجو) اُن جي هلت ڪرڻ وارن کان سواءِ ٻئي تي نه پوندو آهي، تنهن ڪري رڳو اڳين جي (عذاب جي) دستور جا منتظر آهن، پوءِ (تون) ڪڏهن الله جي دستور کي ڪا مٽ سٽ نه ڏسندين ۽ (تون) الله جي دستور کي ڪڏهن ڪا ڦير گهير نه ڏسندين (٤٣).

اَوَلَمْ يَسِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ
الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ وَكَانُوْٓا اَشَدَّ مِنْهُمْ قُوَّةً ؕ وَمَا
كَانَ اللّٰهُ لِيُعْجِزَهٗ مِنْ شَيْءٍ فِى السَّمٰوٰتِ وَلَا فِى الْاَرْضِ ؕ
اِنَّهٗ كَانَ عَلِيْمًا قَدِيْرًا ﴿۴۴﴾ وَلَوْ يُؤَاخِذُ اللّٰهُ النَّاسَ بِمَا
كَسَبُوْا مَا تَرَكَ عَلٰى ظَهْرِهَا مِنْ دَآبَّةٍ وَّلٰكِنْ
يُّؤَخِّرُهُمْ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ۚ فَاِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ فَاِنَّ
اللّٰهَ كَانَ بِعِبَادِهٖ بَصِيْرًا ﴿۴۵﴾ ع

## سُوْرَةُ يٰسٓ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○
يٰسٓ ۚ ﴿۱﴾ وَالْقُرْاٰنِ الْحَكِيْمِ ﴿۲﴾ ۙ اِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۳﴾ ۙ عَلٰى صِرَاطٍ
مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۴﴾ ؕ تَنْزِيْلَ الْعَزِيْزِ الرَّحِيْمِ ﴿۵﴾ ۙ لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّآ اُنْذِرَ
اٰبَآؤُهُمْ فَهُمْ غٰفِلُوْنَ ﴿۶﴾ لَقَدْ حَقَّ الْقَوْلُ عَلٰٓى اَكْثَرِهِمْ فَهُمْ
لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۷﴾ اِنَّا جَعَلْنَا فِيْٓ اَعْنَاقِهِمْ اَغْلٰلًا فَهِيَ اِلَى
الْاَذْقَانِ فَهُمْ مُّقْمَحُوْنَ ﴿۸﴾ وَجَعَلْنَا مِنْ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ
سَدًّا وَّمِنْ خَلْفِهِمْ سَدًّا فَاَغْشَيْنٰهُمْ فَهُمْ لَا يُبْصِرُوْنَ ﴿۹﴾

زمين ۾ نہ گهميا آهن ڇا؟ جو ڏسن تہ جيڪي کانئن اڳ هئا تن جي پڇاڙي ڪهڙي ٿي، اُهي کانئن سگهہ ۾ بہ تمام ڏاڍا هئا ۽ الله اهڙو نہ آهي؟ جو کيس آسمانن ۾ ڪا بہ شيءِ ٿڪائي ۽ نڪي زمين ۾ (ٿڪائي) بيشڪ اُهو ڄاڻندڙ وس وارو آهي (۴۴). ۽ جيڪڏهن الله ماڻهن کي سندن ڪرتوتن سببان پڪڙي ها تہ ڪو چرندڙ زمين جي پٺيءَ تي نہ ڇڏي ها، پر ٺهرايل مدت تائين کين مهلت ڏئي ٿو، پوءِ جڏهن سندن مدت آئي تڏهن بيشڪ الله پنهنجن ٻانهن کي ڏسندڙ آهي (۴۵).

سورة يٰسٓ مڪي آهي ۽ هن ۾ ٽياسي
آيتون ۽ پنج رڪوع آهن.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اي پيغمبر! (۱). (هن) حڪمت واري قرآن جو قسم آهي (۲). بيشڪ تون پيغمبرن مان آهين (۳). سڌيءَ واٽ تي (۴). (الله) غالب مهربان وٽان (قرآن جو) لاهڻ آهي (۵). (هن لاءِ) تہ اهڙيءَ قوم کي ڊيڄارين جو سندن ابن ڏاڏن نہ ڊيڄاريا ويا آهن، تنهن ڪري اُهي بي خبر آهن (٦). بيشڪ اُنهن مان گهڻن تي (عذاب جو) قول لازم ٿيو آهي، تنهن ڪري اُهي ايمان نہ ٿا آڻين (۷). بيشڪ اسان سندين ڳچين ۾ ڳٽ وڌا، پوءِ اُهي کاڏين تائين (پيل) آهن تنهن ڪري اُهي ڳاٽي ٽنگيل آهن (۸). ۽ سندن اڳيان اوٽ ۽ سندن پوئتان (بہ) اوٽ ڪئي سون، پوءِ کين ڍڪيوسون، تنهن ڪري اُهي (ڪجهہ) نہ ڏسندا (۹).

وَسَوَآءٌ عَلَيۡهِمۡ ءَاَنۡذَرۡتَهُمۡ اَمۡ لَمۡ تُنۡذِرۡهُمۡ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿١٠﴾
اِنَّمَا تُنۡذِرُ مَنِ اتَّبَعَ الذِّكۡرَ وَخَشِىَ الرَّحۡمٰنَ بِالۡغَيۡبِ ۚ
فَبَشِّرۡهُ بِمَغۡفِرَةٍ وَّاَجۡرٍ كَرِيۡمٍ ﴿١١﴾ اِنَّا نَحۡنُ نُحۡىِ الۡمَوۡتٰى
وَنَكۡتُبُ مَا قَدَّمُوۡا وَاٰثَارَهُمۡ ؕ وَكُلَّ شَىۡءٍ اَحۡصَيۡنٰهُ فِىۡۤ
اِمَامٍ مُّبِيۡنٍ ﴿١٢﴾ ع وَاضۡرِبۡ لَهُمۡ مَّثَلًا اَصۡحٰبَ الۡقَرۡيَةِ ۘ اِذۡ
جَآءَهَا الۡمُرۡسَلُوۡنَ ﴿١٣﴾ ۚ اِذۡ اَرۡسَلۡنَاۤ اِلَيۡهِمُ اثۡنَيۡنِ فَكَذَّبُوۡهُمَا
فَعَزَّزۡنَا بِثَالِثٍ فَقَالُوۡۤا اِنَّاۤ اِلَيۡكُمۡ مُّرۡسَلُوۡنَ ﴿١٤﴾ قَالُوۡا
مَاۤ اَنۡتُمۡ اِلَّا بَشَرٌ مِّثۡلُنَا ۙ وَمَاۤ اَنۡزَلَ الرَّحۡمٰنُ مِنۡ شَىۡءٍ ۙ
اِنۡ اَنۡتُمۡ اِلَّا تَكۡذِبُوۡنَ ﴿١٥﴾ قَالُوۡا رَبُّنَا يَعۡلَمُ اِنَّاۤ اِلَيۡكُمۡ
لَمُرۡسَلُوۡنَ ﴿١٦﴾ وَمَا عَلَيۡنَاۤ اِلَّا الۡبَلٰغُ الۡمُبِيۡنُ ﴿١٧﴾ قَالُوۡۤا
اِنَّا تَطَيَّرۡنَا بِكُمۡ ۚ لَئِنۡ لَّمۡ تَنۡتَهُوۡا لَنَرۡجُمَنَّكُمۡ وَلَيَمَسَّنَّكُمۡ
مِّنَّا عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿١٨﴾ قَالُوۡا طَآئِرُكُمۡ مَّعَكُمۡ ؕ اَئِنۡ
ذُكِّرۡتُمۡ ؕ بَلۡ اَنۡتُمۡ قَوۡمٌ مُّسۡرِفُوۡنَ ﴿١٩﴾ وَجَآءَ مِنۡ اَقۡصَا
الۡمَدِيۡنَةِ رَجُلٌ يَّسۡعٰى قَالَ يٰقَوۡمِ اتَّبِعُوا الۡمُرۡسَلِيۡنَ ﴿٢٠﴾ ۙ
اتَّبِعُوۡا مَنۡ لَّا يَسۡـَٔلُكُمۡ اَجۡرًا وَّهُمۡ مُّهۡتَدُوۡنَ ﴿٢١﴾

۽ ڪين تنهنجو ڊيڄارڻ ۽ ڪين تنهنجو نہ ڊيڄارڻ سندن لاءِ هڪ جهڙو آهي، (اُهي) ايمان نہ آڻيندا (١٠). تون رڳو ان کي ڊيڄاريندين جيڪو نصيحت تي هلي ۽ ٻاجهاري (الله) کان پريٺ ڊڄي، تو پوءِ اُن کي بخشش ۽ سڀڳوري اَجر جي خوشخبري ڏي (١١). بيشڪ اسين مُئن کي جياريندا آهيون ۽ جيڪي (مدا توڻي چڱا ڪم ڪري) اڳي موڪليائون سي ۽ سندن پيرن جا نشان لکون ٿا ۽ هر شيءِ کي پڌري ڪتاب (لوح محفوظ) ۾ ڳڻيو اَٿون (١٢). ۽ اُنهن سان ڳوٺ وارن جو قصو بيان ڪر، جڏهن وٽن پيغمبر آيا (١٣). جڏهن جو اُنهن ڏانهن ٻن پيغمبرن کي موڪليوسون، پوءِ ٻنهي کي ڪوڙو ڀانيائون، تنهن ڪري ٽئين سان غلبو ڏنوسون، پوءِ (گڏجي) چيائون تہ، بيشڪ اسين اوهان ڏانهن موڪليل آهيون (١٤). چيائون تہ اوهين تہ رڳو اسان جهڙا ماڻهو آهيو ۽ ٻاجهاري (الله) ڪا شيءِ نہ لاٿي آهي، اوهين رڳو ڪوڙا آهيو (١٥). چيائون تہ اسان جو پالڻهار ڄاڻندو آهي، تہ بيشڪ اسين اوهان ڏانهن موڪليل آهيون (١٦). ۽ اسان تي پڌري پيغام پهچائڻ کان سواءِ (ٻيو ڪجھ لازم) نہ آهي (١٧). چيائون تہ، بيشڪ اسان اوهان جي (اچڻ) سببان بدبختي سمجهي آهي، جيڪڏهن اوهين نہ جهلبؤ تہ اوهان کي پٿرن سان ماريندا سون ۽ ضرور اسان کان اوهان کي ڏکوئيندڙ عذاب پهچندو (١٨). (پيغمبرن) چيو تہ، اوهان جي بدبختي اوهان سان آهي، جيڪڏهن اوهان کي نصيحت ڏبي آهي تہ (اِنهيءَ ڪري) چا؟ بلڪ اوهين حد کان لنگهيل قوم آهيو (١٩). ۽ شهر جي پرين پاسي کان هڪ مڙس ڊوڙندو آيو چيائين تہ، اي منهنجي قوم! پيغمبرن جي تابعداري ڪريو (٢٠). (اوهين) اُنهن جي تابعداري ڪريو، جيڪي اوهان کان ڪو اجورو نہ گهرندا آهن ۽ اُهي سڌيءَ واٽ وارا آهن (٢١).

وَمَالِيَ لَآ أَعْبُدُ الَّذِي فَطَرَنِي وَإِلَيْهِ تُرْجَعُونَ ﴿٢٢﴾
ءَأَتَّخِذُ مِن دُونِهِ آلِهَةً إِن يُرِدْنِ الرَّحْمَٰنُ بِضُرٍّ لَّا تُغْنِ عَنِّي
شَفَاعَتُهُمْ شَيْئًا وَلَا يُنقِذُونِ ﴿٢٣﴾ إِنِّي إِذًا لَّفِي ضَلَالٍ مُّبِينٍ ﴿٢٤﴾ إِنِّي
آمَنتُ بِرَبِّكُمْ فَاسْمَعُونِ ﴿٢٥﴾ قِيلَ ادْخُلِ الْجَنَّةَ ۖ قَالَ يَا لَيْتَ قَوْمِي
يَعْلَمُونَ ﴿٢٦﴾ بِمَا غَفَرَ لِي رَبِّي وَجَعَلَنِي مِنَ الْمُكْرَمِينَ ﴿٢٧﴾ وَمَا
أَنزَلْنَا عَلَىٰ قَوْمِهِ مِن بَعْدِهِ مِن جُندٍ مِّنَ السَّمَاءِ وَمَا كُنَّا مُنزِلِينَ ﴿٢٨﴾
إِن كَانَتْ إِلَّا صَيْحَةً وَاحِدَةً فَإِذَا هُمْ خَامِدُونَ ﴿٢٩﴾ يَا حَسْرَةً عَلَى
الْعِبَادِ ۚ مَا يَأْتِيهِم مِّن رَّسُولٍ إِلَّا كَانُوا بِهِ يَسْتَهْزِئُونَ ﴿٣٠﴾ أَلَمْ يَرَوْا
كَمْ أَهْلَكْنَا قَبْلَهُم مِّنَ الْقُرُونِ أَنَّهُمْ إِلَيْهِمْ لَا يَرْجِعُونَ ﴿٣١﴾ وَإِن
كُلٌّ لَّمَّا جَمِيعٌ لَّدَيْنَا مُحْضَرُونَ ﴿٣٢﴾ وَآيَةٌ لَّهُمُ الْأَرْضُ الْمَيْتَةُ ۚ
أَحْيَيْنَاهَا وَأَخْرَجْنَا مِنْهَا حَبًّا فَمِنْهُ يَأْكُلُونَ ﴿٣٣﴾ وَجَعَلْنَا فِيهَا جَنَّاتٍ
مِّن نَّخِيلٍ وَأَعْنَابٍ وَفَجَّرْنَا فِيهَا مِنَ الْعُيُونِ ﴿٣٤﴾ لِيَأْكُلُوا مِن
ثَمَرِهِ وَمَا عَمِلَتْهُ أَيْدِيهِمْ ۖ أَفَلَا يَشْكُرُونَ ﴿٣٥﴾ سُبْحَانَ الَّذِي خَلَقَ
الْأَزْوَاجَ كُلَّهَا مِمَّا تُنبِتُ الْأَرْضُ وَمِنْ أَنفُسِهِمْ وَمِمَّا لَا يَعْلَمُونَ ﴿٣٦﴾
وَآيَةٌ لَّهُمُ اللَّيْلُ ۚ نَسْلَخُ مِنْهُ النَّهَارَ فَإِذَا هُم مُّظْلِمُونَ ﴿٣٧﴾

۽ مون کي ڇا (ٿيو) آهي جو اُنهيءَ (الله) جي عبادت نه ڪريان، جنهن مون کي پيدا ڪيو ۽ (اوهين به) ڏانهس موٽايا ويندؤ (٢٢). اُن کان سواءِ ٻيا معبود وٺان ڇا؟ جيڪڏهن ٻاجهارو (الله) مون کي ڏک پهچائڻ گهري ته انهن جي شفاعت مون کان ڪجهه (به ڏک) نه ٽاريندي ۽ نڪي (اُهي) مون کي ڇڏائيندا (٢٣). (جي ائين ڪندس ته) بيشڪ آءٌ اُنهيءَ مهل پڌريءَ گمراهيءَ ۾ هوندس (٢٤). بيشڪ مون اوهان جي پالڻهار تي ايمان آندو آهي، پوءِ مون کان ٻڌو (٢٥). (ان چوڻ تي ڪيس شهيد ڪيائون). چيو ويس ته، بهشت ۾ گهڙ، چيائين هئه ارمان! (جيڪر) منهنجي قوم ڄاڻي ها (٢٦). ته ڇا جي ڪري منهنجي پالڻهار مون کي بخشيو ۽ مون کي سڳورن مان ڪيائين (٢٧). ۽ ڪانئس پوءِ سندس قوم تي آسمان کان ڪو لشڪر نه لاٿوسون ۽ نڪي (لشڪر) لاهيندڙ آهيون (٢٨). (سندن سزا) رڳو هڪ سخت رڙ هئي، پوءِ اُنهيءَ (ئي) دم اُهي (باهه وانگر) وسامي (مري) ويا (٢٩). ٻانهن تي ارمان آهي! (جو) وٽن ڪو (به اهڙو) پيغمبر نه آيو، جنهن سان ٺٺوليون نه ٿي ڪيائون (٣٠). نه ڏٺو اٿن ڇا؟ ته، کانئن اڳ ڪيترائي (ماڻهن جا) طبقا ناس ڪيا سون (جو) اُهي اِنهن ڏانهن موٽي نه ٿا اچن (٣١). ۽ جيڪي به آهن، سي سڀ اسان وٽ حاضر ڪبا (٣٢). ۽ هڪ نشاني انهن (جي جيئارڻ) لاءِ مئل زمين آهي، جنهن کي جياريوسون ۽ منجهانئس (اَن جا) داڻا ڪڍيا سون، جو ان مان کائيندا آهن (٣٣). ۽ منجهس ڪجورن ۽ انگورن جا باغ پيدا ڪياسون ۽ انهن (باغن) ۾ ڪي چشما وهاياسون (٣٤). (هن لاءِ) ته سندس ميوي مان کائيندا رهن ۽ انهن (ميون) کي سندن هٿن نه ٺاهيو آهي، پوءِ ڇو نه شڪرانو ڪندا آهن؟ (٣٥). اُهو (الله)، پاڪ آهي، جنهن اُها شيءِ جيڪا زمين ڄمائيندي آهي سا ۽ سندن جيئن مان ۽ جيڪي (شيون) نه ڄاڻندا آهن، تن مان سڀني جنسن کي جوڙو جوڙو (ڪوڙو ۽ منو نر ۽ مادي) پيدا ڪيو (٣٦). ۽ اُنهن لاءِ هڪ نشاني رات آهي، (جو) اُن مان ڏينهن کي ڇڪي ڪڍندا آهيون، پوءِ انهيءَ مهل اهي اونداهيءَ ۾ رهندا آهن (٣٧).

وَالشَّمْسُ تَجْرِیْ لِمُسْتَقَرٍّ لَّهَا ؕ ذٰلِكَ تَقْدِیْرُ الْعَزِیْزِ الْعَلِیْمِ ؕ﴿۳۸﴾ وَالْقَمَرَ

قَدَّرْنٰهُ مَنَازِلَ حَتّٰی عَادَ كَالْعُرْجُوْنِ الْقَدِیْمِ ﴿۳۹﴾ لَا الشَّمْسُ یَنْۢبَغِیْ

لَهَاۤ اَنْ تُدْرِكَ الْقَمَرَ وَلَا الَّیْلُ سَابِقُ النَّهَارِ ؕ وَكُلٌّ فِیْ فَلَكٍ

یَّسْبَحُوْنَ ﴿۴۰﴾ وَاٰیَةٌ لَّهُمْ اَنَّا حَمَلْنَا ذُرِّیَّتَهُمْ فِی الْفُلْكِ الْمَشْحُوْنِ ﴿۴۱﴾ ۙ

وَخَلَقْنَا لَهُمْ مِّنْ مِّثْلِهٖ مَا یَرْكَبُوْنَ ﴿۴۲﴾ وَاِنْ نَّشَاْ نُغْرِقْهُمْ فَلَا صَرِیْخَ

لَهُمْ وَلَا هُمْ یُنْقَذُوْنَ ﴿۴۳﴾ اِلَّا رَحْمَةً مِّنَّا وَمَتَاعًا اِلٰی حِیْنٍ ﴿۴۴﴾ وَاِذَا

قِیْلَ لَهُمُ اتَّقُوْا مَا بَیْنَ اَیْدِیْكُمْ وَمَا خَلْفَكُمْ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿۴۵﴾ وَمَا

تَاْتِیْهِمْ مِّنْ اٰیَةٍ مِّنْ اٰیٰتِ رَبِّهِمْ اِلَّا كَانُوْا عَنْهَا مُعْرِضِیْنَ ﴿۴۶﴾ وَاِذَا

قِیْلَ لَهُمْ اَنْفِقُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ ۙ قَالَ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِیْنَ اٰمَنُوْۤا

اَنُطْعِمُ مَنْ لَّوْ یَشَآءُ اللّٰهُ اَطْعَمَهٗۤ ۖ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا فِیْ ضَلٰلٍ مُّبِیْنٍ ﴿۴۷﴾

وَیَقُوْلُوْنَ مَتٰی هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِیْنَ ﴿۴۸﴾ مَا یَنْظُرُوْنَ

اِلَّا صَیْحَةً وَّاحِدَةً تَاْخُذُهُمْ وَهُمْ یَخِصِّمُوْنَ ﴿۴۹﴾ فَلَا یَسْتَطِیْعُوْنَ

تَوْصِیَةً وَّلَاۤ اِلٰۤی اَهْلِهِمْ یَرْجِعُوْنَ ﴿۵۰﴾ ع وَنُفِخَ فِی الصُّوْرِ فَاِذَا هُمْ

مِّنَ الْاَجْدَاثِ اِلٰی رَبِّهِمْ یَنْسِلُوْنَ ﴿۵۱﴾ قَالُوْا یٰوَیْلَنَا مَنْۢ بَعَثَنَا

مِنْ مَّرْقَدِنَا ۜ هٰذَا مَا وَعَدَ الرَّحْمٰنُ وَصَدَقَ الْمُرْسَلُوْنَ ﴿۵۲﴾

۽ سج پنهنجي ٺڪاڻي جي جاءِ تي پيو هلندو آهي، اِهو غالب (الله) جو اندازو (ٺهرايل) آهي (٣٨). ۽ چنڊ لاءِ منزلون مقرر ڪيون سون تانجو پراڻي کجيءَ جي (سڪل) ڇڙهيءَ وانگر وري (ڏنگو) ٿيندو آهي (٣٩). نڪي سج کي چنڊ جي پهچڻ جي (ڪا) مجال آهي ۽ نڪي رات (سج لهڻ کان اڳ) ڏينهن تي اڳرائي ڪندڙ آهي ۽ (سج ۽ چنڊ ۽ تارن مان) هرهڪ آسمان ۾ پيو هلندو آهي (٤٠). ۽ اُنهن لاءِ هڪ نشاني (هيءَ به) آهي، جو اسان سندن اولاد کي ڀريل ٻيڙيءَ ۾ کنيو (٤١). ۽ اُنهن لاءِ اُن (ٻيڙيءَ) جهڙيون (ٻيون سواريون به) بڻايون سون جن تي سواري ڪندا آهن (٤٢). ۽ جيڪڏهن گهرون ته کين ٻوڙي ڇڏيون، پوءِ انهن لاءِ ڪو دانهن ورنائڻ وارو نه ٿئي ۽ نڪي اُهي ڇڏائبا (٤٣). پر پاڻ وٽان ٻاجهه ڪئي سون ۽ هڪ وقت تائين (اُهي) آسودا ڪيا سون(٤٤). ۽ جڏهن کين چئبو آهي ته اُنهيءَ (عذاب) کان ڊڄو جيڪو اوهان جي اڳيان ۽ اوهان جي پٺيان (اچڻو) آهي ته مَن اوهان تي ٻاجهه ڪجي (٤٥). ۽ سندن پالڻهار جي نشانين مان ڪائي (اهڙي) نشاني وٽن نه ايندي آهي، جنهن کان (هو) منهن موڙيندڙ نه هوندا آهن (٤٦). ۽ جڏهن کين چئبو آهي ته جيڪي الله اوهان کي رزق ڏنو آهي، تنهن مان خرچيو، (تڏهن) ڪافر مؤمنن کي چوندا آهن ته اهڙي کي ڇو کارايون؟ جو جيڪڏهن الله گهري ها ته کيس کارائي ها! اوهين رڳو پڌريءَ گمراهيءَ ۾ آهيو (٤٧). ۽ چوندا آهن ته جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته اهو انجام ڪڏهن (پورو) ٿيندو (٤٨). اُهي رڳو هڪ سخت آواز جو انتظار ڪندا آهن، جو اُهو اُنهيءَ حالت ۾ کين (اوچتو) پڪڙيندو، جو اُهي جهڳڙو ڪندا هوندا (٤٩). پوءِ (اُهي) نڪي وصيت ڪري سگهندا ۽ نڪي پنهنجي گهروارن ڏانهن موٽي سگهندا (٥٠). ۽ صور ۾ ڦوڪبو، پوءِ اُهي اُتي جو اتي پنهنجي پالڻهار ڏانهن قبرن مان ڊوڙندا (٥١). چوندا ته، اسان لاءِ ويل آهي! اسان کي اسان جي سمهڻ جي جاءِ (قبرن) مان ڪنهن اُٿاريو؟ (ملائڪ چوندا هائو!) هيءُ اُهو آهي، جيڪو ٻاجهاري (الله) انجام ڏنو هو ۽ پيغمبرن سچ چيو هو (٥٢).

إِنْ كَانَتْ إِلَّا صَيْحَةً وَّاحِدَةً فَإِذَا هُمْ جَمِيعٌ لَّدَيْنَا مُحْضَرُونَ ﴿۵۳﴾
فَالْيَوْمَ لَا تُظْلَمُ نَفْسٌ شَيْـًٔا وَّلَا تُجْزَوْنَ إِلَّا مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُونَ ﴿۵۴﴾ إِنَّ
أَصْحٰبَ الْجَنَّةِ الْيَوْمَ فِي شُغُلٍ فٰكِهُونَ ﴿۵۵﴾ هُمْ وَأَزْوَاجُهُمْ فِي ظِلٰلٍ
عَلَى الْأَرَآئِكِ مُتَّكِـُٔونَ ﴿۵۶﴾ لَهُمْ فِيهَا فٰكِهَةٌ وَّلَهُمْ مَّا يَدَّعُونَ ﴿۵۷﴾
سَلٰمٌ قَوْلًا مِّنْ رَّبٍّ رَّحِيمٍ ﴿۵۸﴾ وَامْتَازُوا الْيَوْمَ أَيُّهَا الْمُجْرِمُونَ ﴿۵۹﴾
أَلَمْ أَعْهَدْ إِلَيْكُمْ يٰبَنِي آدَمَ أَنْ لَّا تَعْبُدُوا الشَّيْطٰنَ إِنَّهُ لَكُمْ عَدُوٌّ
مُّبِينٌ ﴿۶۰﴾ وَّأَنِ اعْبُدُونِي هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيمٌ ﴿۶۱﴾ وَلَقَدْ أَضَلَّ
مِنْكُمْ جِبِلًّا كَثِيرًا أَفَلَمْ تَكُونُوا تَعْقِلُونَ ﴿۶۲﴾ هٰذِهِ جَهَنَّمُ الَّتِي
كُنْتُمْ تُوعَدُونَ ﴿۶۳﴾ اِصْلَوْهَا الْيَوْمَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُونَ ﴿۶۴﴾ اَلْيَوْمَ
نَخْتِمُ عَلٰى أَفْوَاهِهِمْ وَتُكَلِّمُنَا أَيْدِيهِمْ وَتَشْهَدُ أَرْجُلُهُمْ بِمَا كَانُوا
يَكْسِبُونَ ﴿۶۵﴾ وَلَوْ نَشَآءُ لَطَمَسْنَا عَلٰى أَعْيُنِهِمْ فَاسْتَبَقُوا الصِّرَاطَ فَأَنّٰى
يُبْصِرُونَ ﴿۶۶﴾ وَلَوْ نَشَآءُ لَمَسَخْنٰهُمْ عَلٰى مَكَانَتِهِمْ فَمَا اسْتَطَاعُوا
مُضِيًّا وَّلَا يَرْجِعُونَ ﴿۶۷﴾ وَمَنْ نُّعَمِّرْهُ نُنَكِّسْهُ فِي الْخَلْقِ أَفَلَا
يَعْقِلُونَ ﴿۶۸﴾ وَمَا عَلَّمْنٰهُ الشِّعْرَ وَمَا يَنْبَغِي لَهُ إِنْ هُوَ إِلَّا ذِكْرٌ وَّقُرْآنٌ
مُّبِينٌ ﴿۶۹﴾ لِّيُنْذِرَ مَنْ كَانَ حَيًّا وَّيَحِقَّ الْقَوْلُ عَلَى الْكٰفِرِينَ ﴿۷۰﴾

(اهو واقعو) رڳو هڪ سخت رڙ هوندي، پوءِ اُهي اُتي جو اُتي گڏ ڪري اسان وٽ حاضر ڪيا ويندا (٥٣). پوءِ اَڄ ڪنهن جيءَ تي ڪجهه به ظلم نه ڪبو ۽ جيڪي ڪندا هيؤ، رڳو ان جو اوهان کي بدلو ڏبو (٥٤). بيشڪ بهشتي اڄ مزن ماڻڻ ۾ مشغول هوندا (٥٥). اُهي ۽ سندن زالون ڇانوَن ۾ پلنگن تي ٽيڪ ڏيئي ويهندڙ هوندا (٥٦). اُنهن لاءِ بهشت ۾ ميوا آهن ۽ جيڪي گهرندا سو (پڻ) اُنهن لاءِ آهي (٥٧). چيو ويندو ته، پالڻهار مهربان (الله) کان (اوهان تي) سلام هجي (٥٨). ۽ (چوندا سون ته) اي گنهگارؤ! اڄ (نيڪن کان) جدا ٿيو (٥٩). اي آدم جا اولاد! اوهان ڏانهن پيغام نه موڪليو هيم ڇا ته، شيطان کي نه پوڄجو، جو بيشڪ اُهو اوهان جو پڌرو ويري آهي (٦٠). ۽ ته منهنجي عبادت ڪجو، (جو) اِها سڌي واٽ آهي (٦١). ۽ بيشڪ (شيطان) اوهان مان گهڻيءَ خلق کي گمراهه ڪيو، پوءِ اوهين نه سمجهندا هيؤ ڇا؟(٦٢). هيءُ اُهو دوزخ آهي، (جنهن) جو اوهان کي وعدو ڏبو هو (٦٣). ان ۾ اڄ انهيءَ ڪري ڳهڙو جو ڪفر ڪندا هيؤ (٦٤). اڄ سندن واتن تي مهر هڻنداسون ۽ جيڪي ڪندا هئا، تنهن بابت سندن هٿ اسان سان ڳالهائيندا ۽ سندن پير شاهدي ڏيندا (٦٥). ۽ جيڪڏهن گهرون ته سندين اکين کي ناس ڪريون، پوءِ واٽ ڏانهن ڊوڙن ته ڪٿان ڏسندا؟ (٦٦). ۽ جيڪڏهن گهرون ته سندين جاين تي (ئي) کين بدشڪل ڪري ڇڏيون ته پوءِ نڪي اڳتي هلي سگهن ۽ نڪي پوئتي موٽن (٦٧). ۽ جنهن کي وڏيءَ ڄمار وارو ڪندا آهيون، تنهن کي بڻاوت ۾ اُبتو ڪندا آهيون (ايتري ڳالهه به) نه سمجهندا آهن ڇا؟ (٦٨). ۽ ان (پيغمبر) کي نڪي شعر سيکاريو اٿون ۽ نڪي (شعر) اُن جو لائق هو. هيءُ ته رڳو نصيحت ۽ پڌرو قرآن ئي آهي (٦٩). ته اُنهيءَ کي ڊيڄاري جيڪو جيئرو (يعني سمجهه وارو) هجي ۽ ڪافرن تي حجت ثابت ٿئي (٧٠).

اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّا خَلَقْنَا لَهُمْ مِّمَّا عَمِلَتْ اَيْدِيْنَآ اَنْعَامًا فَهُمْ لَهَا مٰلِكُوْنَ ﴿۷۱﴾
وَذَلَّلْنٰهَا لَهُمْ فَمِنْهَا رَكُوْبُهُمْ وَمِنْهَا يَاْكُلُوْنَ ﴿۷۲﴾ وَلَهُمْ فِيْهَا مَنَافِعُ
وَمَشَارِبُ ؕ اَفَلَا يَشْكُرُوْنَ ﴿۷۳﴾ وَاتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اٰلِهَةً لَّعَلَّهُمْ
يُنْصَرُوْنَ ﴿۷۴﴾ؕ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ نَصْرَهُمْ ۙ وَهُمْ لَهُمْ جُنْدٌ مُّحْضَرُوْنَ ﴿۷۵﴾ فَلَا
يَحْزُنْكَ قَوْلُهُمْ ۘ اِنَّا نَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ﴿۷۶﴾ اَوَلَمْ يَرَ الْاِنْسَانُ
اَنَّا خَلَقْنٰهُ مِنْ نُّطْفَةٍ فَاِذَا هُوَ خَصِيْمٌ مُّبِيْنٌ ﴿۷۷﴾ وَضَرَبَ لَنَا مَثَلًا وَّ
نَسِيَ خَلْقَهٗ ؕ قَالَ مَنْ يُّحْيِ الْعِظَامَ وَهِيَ رَمِيْمٌ ﴿۷۸﴾ قُلْ يُحْيِيْهَا الَّذِيْٓ
اَنْشَاَهَآ اَوَّلَ مَرَّةٍ ؕ وَهُوَ بِكُلِّ خَلْقٍ عَلِيْمٌ ﴿۷۹﴾ۙ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمْ مِّنَ
الشَّجَرِ الْاَخْضَرِ نَارًا فَاِذَآ اَنْتُمْ مِّنْهُ تُوْقِدُوْنَ ﴿۸۰﴾ اَوَلَيْسَ الَّذِيْ
خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِقٰدِرٍ عَلٰٓى اَنْ يَّخْلُقَ مِثْلَهُمْ ؔؕ بَلٰى ۗ وَهُوَ
الْخَلّٰقُ الْعَلِيْمُ ﴿۸۱﴾ اِنَّمَآ اَمْرُهٗٓ اِذَآ اَرَادَ شَيْـًٔا اَنْ يَّقُوْلَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿۸۲﴾
فَسُبْحٰنَ الَّذِيْ بِيَدِهٖ مَلَكُوْتُ كُلِّ شَيْءٍ وَّاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿۸۳﴾ ع

## سُوْرَةُ الصّٰٓفّٰتِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

وَالصّٰٓفّٰتِ صَفًّا ﴿۱﴾ۙ فَالزّٰجِرٰتِ زَجْرًا ﴿۲﴾ۙ فَالتّٰلِيٰتِ ذِكْرًا ﴿۳﴾ۙ

نہ ڏنو اٿن ڇا تہ اسان انھن لاءِ انھن شين مان ڊور پيدا ڪيا، جن کي اسان جي هٿن بڻايو؟ پوءِ اُھي اُنھن جا مالڪ آھن (٧١). ۽ انھن (ڊورن) کي اُنھن جو تابعدار ڪيوسون، پوءِ منجهانئن ڪي سندن چڙھيءَ جا آھن ۽ منجھانئن ڪي (اُھي) کائيندا آھن (٧٢). ۽ اُنھن لاءِ اُنھن ڊورن ۾ گھڻا فائدا آھن ۽ پيئڻ (جون شيون يعني کير) آھن، پوءِ ڇو نہ شڪر ڪندا آھن؟ (٧٣). ۽ الله کان سواءِ ٻيا معبود ڪري ورتا اٿن تہ مَن ڪين مدد ڏني وڃي (٧٤). (اُھي) ڪين مدد ڏيئي نہ سگھندا ۽ اهي (بت) اُنھن جو لشڪر تي گڏ ڪيا ويندا (٧٥). پوءِ (اي پيغمبر!) تو کي سندن چوڻ نہ ڏکوئي، جيڪي ڳجھو ڪندا آھن ۽ جيڪي پڌرو ڪندا آھن، سو بيشڪ اسين ڄاڻون ٿا (٧٦). انسان نہ ڏٺو آهي ڇا تہ، اسان کيس نطفي مان بڻايو، پوءِ اُھو اُنھيءَ (ئي) مھل پڌرو جھيڙاڪ ٿيندو آھي (٧٧). ۽ انسان لاءِ ھڪ مثال بيان ڪندو آھي ۽ پنھنجيءَ پيدائش کي وساريندو اھي. چوندو آھي تہ (ھنن) ھڏن کي ڪير جياريندو، جنھن حالت ۾ اُھي ڀُتا ٿيل ھوندا؟ (٧٨). (اي پيغمبر!) ڪين چؤ تہ، جنھن انھن کي پھريون ڀيرو بڻايو سو انھن کي (وري) جياريندو ۽ اھو سڀ ڪنھن پيدائش کي ڄاڻندڙ آھي (٧٩). جنھن سائي وڻ مان اوھان لاءِ باھ پيدا ڪئي، پوءِ اوھين انھيءَ مھل منجھانئس (باھ) ٻاريندا آھيو (٨٠). جنھن اسمانن ۽ زمين کي بڻايو سو انھن جھڙن جي بڻائڻ تي وس وارو نہ آھي ڇا؟ ھائو! (وس وارو آھي) ۽ اُھو وڏو بڻائيندڙ (سڀ) ڄاڻندڙ آھي (٨١). سندس حڪم ھن کان سواءِ (ٻيو) ڪونہ آھي تہ جڏھن ڪا شيءِ (بڻائڻ) گھرندو آھي، تڏھن ان لاءِ رڳو چوندو آھي تہ ٿيءُ تہ (اُھا شيءِ) ٿي پوندي آھي (٨٢). پوءِ اُھو (الله) پاڪ آھي، جنھن جي ھٿ ۾ ھر شيءِ جي حڪومت آھي ۽ ڏانھس اوھين موٽايا ويندؤ (٨٣).

سورة صافات مڪي آھي ۽ ھن ۾ ھڪ سؤ
ٻياسي آيتون ۽ پنج رڪوع آھن.

الله ٻاجھاري مھربان جي نالي سان (شروع)

(پنھنجي پالڻھار وٽ) قطار ڪري صفن ٻڌڻ وارن (ملائڪن) جو قسم آھي (١). پوءِ جھڻڪ ڏيئي (شيطانن کي) ڌمڪائڻ وارن (ملائڪن) جو قسم آھي (٢). پوءِ (قرآن) پڙھڻ واريءَ جماعت جو قسم آھي (٣).

إِنَّ إِلٰهَكُمْ لَوَاحِدٌ ۝۴ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا وَرَبُّ
الْمَشَارِقِ ۝۵ إِنَّا زَيَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنْيَا بِزِينَةِ ٱلْكَوَاكِبِ ۝۶ وَحِفْظًا
مِّنْ كُلِّ شَيْطٰنٍ مَّارِدٍ ۝۷ لَا يَسَّمَّعُونَ إِلَى الْمَلَإِ الْأَعْلٰى وَيُقْذَفُونَ
مِنْ كُلِّ جَانِبٍ ۝۸ دُحُورًا وَّلَهُمْ عَذَابٌ وَّاصِبٌ ۝۹ إِلَّا مَنْ خَطِفَ
الْخَطْفَةَ فَأَتْبَعَهٗ شِهَابٌ ثَاقِبٌ ۝۱۰ فَاسْتَفْتِهِمْ أَهُمْ أَشَدُّ خَلْقًا أَمْ
مَّنْ خَلَقْنَا ۚ إِنَّا خَلَقْنٰهُمْ مِّنْ طِينٍ لَّازِبٍ ۝۱۱ بَلْ عَجِبْتَ وَيَسْخَرُونَ ۝۱۲
وَإِذَا ذُكِّرُوا لَا يَذْكُرُونَ ۝۱۳ وَإِذَا رَأَوْا اٰيَةً يَّسْتَسْخِرُونَ ۝۱۴ وَقَالُوا إِنْ
هٰذَا إِلَّا سِحْرٌ مُّبِينٌ ۝۱۵ ءَإِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا وَّعِظَامًا ءَإِنَّا لَمَبْعُوثُونَ ۝۱۶
أَوَاٰبَآؤُنَا الْأَوَّلُونَ ۝۱۷ قُلْ نَعَمْ وَأَنْتُمْ دٰخِرُونَ ۝۱۸ فَإِنَّمَا هِيَ زَجْرَةٌ
وَّاحِدَةٌ فَإِذَا هُمْ يَنْظُرُونَ ۝۱۹ وَقَالُوا يٰوَيْلَنَا هٰذَا يَوْمُ الدِّينِ ۝۲۰ هٰذَا
يَوْمُ الْفَصْلِ الَّذِي كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُونَ ۝۲۱ اُحْشُرُوا الَّذِينَ ظَلَمُوا
وَأَزْوَاجَهُمْ وَمَا كَانُوا يَعْبُدُونَ ۝۲۲ مِنْ دُونِ اللّٰهِ فَاهْدُوهُمْ إِلٰى
صِرَاطِ الْجَحِيمِ ۝۲۳ وَقِفُوهُمْ إِنَّهُمْ مَّسْئُولُونَ ۝۲۴ مَا لَكُمْ لَا تَنَاصَرُونَ ۝۲۵ بَلْ
هُمُ الْيَوْمَ مُسْتَسْلِمُونَ ۝۲۶ وَأَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ يَّتَسَآءَلُونَ ۝۲۷
قَالُوا إِنَّكُمْ كُنْتُمْ تَأْتُونَنَا عَنِ الْيَمِينِ ۝۲۸ قَالُوا بَلْ لَّمْ تَكُونُوا مُؤْمِنِينَ ۝۲۹

تہ اوهان جو معبود هڪڙو (ئي) آهي (۴). (جو اُهو) آسمانن ۽ زمين جو ۽
جيڪي اُنهن (ٻنهي) جي وچ ۾ آهي، تنهن جو رب آهي ۽ (اُهو) اُڀرڻ (۽
اُلهڻ) وارن طرفن جو (بہ) رب آهي (۵). بيشڪ اسان دنيا جي اسمان کي
تارن جي سونهن سان سينگاريو (٦). ۽ سيڪنهن حد کان لنگھندڙ شيطان
کان (اُنهيءَ کي) حفاظت ۾ رکيوسون (٧). تہ (جيئن شيطان) ملاءِ اعليٰ
ڏانهن ڪن ڏيئي (ڳالهيون) نہ ٻڌن ۽ سيڪنهن طرف کان (اُنهن ڏانهن)
اُماڙيون اُڇلبيون اهن (٨). (اُنهن جي) تڙڻ لاءِ. ۽ انهن لاءِ هميشہ جو
عذاب آهي (٩). پر جنهن (چوريءَ ڪن ڏيئي ملاءِ اعليٰ جي ڳالهين مان
ڪنهن ڳالھ کي) جهٽيو، تنهن کي پوئتان ٻرندڙ اُماڙي پوندي آهي (١٠).
پوءِ کانئن پڇ تہ آهي پيدا ڪرڻ ۾ تمام مشڪل آهن ڇا يا (ذڪر ڪيل
شيون)، جن کي اسان بڻايو آهي؟ بيشڪ اسان کين چيڪيءَ مٽيءَ مان
بڻايو (١١). بلڪ (ڪافرن جي حال کان) عجب ڪييءِ ۽ اُهي ٺٺوليون
ڪندا آهن (١٢). ۽ جڏهن سمجهائبو اٿن، (تڏهن) نہ سمجهندا
آهن (١٣). ۽ جڏهن (هو) ڪا نشاني ڏسن (تڏهن) ٺٺوليون ڪندا
آهن (١۴). ۽ چوندا آهن تہ هيءُ (قرآن) رڳو پڌرو جادو آهي (١۵).
هان! جڏهن مرندا سون ۽ مٽي ۽ هڏا ٿيندا سون (تڏهن) اسين وري
(جيئرا ٿي) اٿندا سون ڇا؟ (١٦). اسان جا اڳيان پيءُ ڏاڏا بہ (اُٿاربا)
ڇا؟ (١٧). چؤ تہ هائو (اُٿاربا) ۽ اوهان خوار هوندؤ (١٨). پوءِ اُهو
(اٿڻ) رڳو هڪ سخت هڪل هوندي، پوءِ اُهي اُتي جو اُتي ڏسڻ
لڳندا (١٩). ۽ چوندا تہ هئہ ارمان! اسان لاءِ هيءُ بدلي (وٺڻ) جو
ڏينهن آهي (٢٠). (چئبن تہ) فيصلي جو ڏينهن، جنهن کي اوهين ڪوڙو
ڀائيندا هيؤ سو هيءُ آهي (٢١). (چئبو تہ اي ملائڪؤ!) ظالمن کي
۽ سندن سنگتين کي ۽ جن کي الله کان سواءِ پوڄيندا هئا، تن کي گڏ
ڪريو (٢٢). پوءِ کين دوزخ جي واٽ ڏانهن ڏس ڏيو (٢٣). ۽ کين ترسايو
جو بيشڪ کانئن پڇبو (٢۴). تہ اوهان کي ڇا (ٿيو) آهي، جو هڪ ٻئي
جي مدد نہ ٿا ڪريو؟ (٢۵). بلڪ اُهي اڄ ڪنڌ نوائيندڙ اهن (٢٦). ۽
ڪي ڪن ڏانهن منهن ڪري هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳندا (٢٧). (ماڻهو
پنهنجن سردارن کي) چوندا تہ بيشڪ اوهين (گمراه ڪرڻ لاءِ) سڄي (۽
کٻي) پاسي کان اسان وٽ ايندا هيؤ (٢٨). (سردار) چوندا تہ (نہ!) بلڪ
اوهين پاڻ مڃيندڙ نہ هيؤ (٢٩).

وَمَا كَانَ لَنَا عَلَيْكُمْ مِّنْ سُلْطٰنٍ ۚ بَلْ كُنْتُمْ قَوْمًا طٰغِيْنَ ﴿۳۰﴾ فَحَقَّ عَلَيْنَا
قَوْلُ رَبِّنَآ ۖ اِنَّا لَذَآئِقُوْنَ ﴿۳۱﴾ فَاَغْوَيْنٰكُمْ اِنَّا كُنَّا غٰوِيْنَ ﴿۳۲﴾ فَاِنَّهُمْ
يَوْمَئِذٍ فِى الْعَذَابِ مُشْتَرِكُوْنَ ﴿۳۳﴾ اِنَّا كَذٰلِكَ نَفْعَلُ بِالْمُجْرِمِيْنَ ﴿۳۴﴾
اِنَّهُمْ كَانُوْٓا اِذَا قِيْلَ لَهُمْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ ۙ يَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿۳۵﴾ وَيَقُوْلُوْنَ
اَئِنَّا لَتَارِكُوْٓا اٰلِهَتِنَا لِشَاعِرٍ مَّجْنُوْنٍ ﴿۳۶﴾ بَلْ جَآءَ بِالْحَقِّ وَصَدَّقَ
الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۳۷﴾ اِنَّكُمْ لَذَآئِقُوا الْعَذَابِ الْاَلِيْمِ ﴿۳۸﴾ وَمَا تُجْزَوْنَ اِلَّا مَا
كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۳۹﴾ اِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿۴۰﴾ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ رِزْقٌ
مَّعْلُوْمٌ ﴿۴۱﴾ فَوَاكِهُ ۚ وَهُمْ مُّكْرَمُوْنَ ﴿۴۲﴾ فِىْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿۴۳﴾ عَلٰى سُرُرٍ
مُّتَقٰبِلِيْنَ ﴿۴۴﴾ يُطَافُ عَلَيْهِمْ بِكَاْسٍ مِّنْ مَّعِيْنٍ ﴿۴۵﴾ بَيْضَآءَ لَذَّةٍ
لِّلشّٰرِبِيْنَ ﴿۴۶﴾ لَا فِيْهَا غَوْلٌ وَّلَا هُمْ عَنْهَا يُنْزَفُوْنَ ﴿۴۷﴾ وَعِنْدَهُمْ قٰصِرٰتُ
الطَّرْفِ عِيْنٌ ﴿۴۸﴾ كَاَنَّهُنَّ بَيْضٌ مَّكْنُوْنٌ ﴿۴۹﴾ فَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ
يَّتَسَآءَلُوْنَ ﴿۵۰﴾ قَالَ قَآئِلٌ مِّنْهُمْ اِنِّىْ كَانَ لِىْ قَرِيْنٌ ﴿۵۱﴾ يَّقُوْلُ
ءَاِنَّكَ لَمِنَ الْمُصَدِّقِيْنَ ﴿۵۲﴾ ءَاِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا وَّعِظَامًا
ءَاِنَّا لَمَدِيْنُوْنَ ﴿۵۳﴾ قَالَ هَلْ اَنْتُمْ مُّطَّلِعُوْنَ ﴿۵۴﴾ فَاطَّلَعَ
فَرَاٰهُ فِىْ سَوَآءِ الْجَحِيْمِ ﴿۵۵﴾ قَالَ تَاللّٰهِ اِنْ كِدْتَّ لَتُرْدِيْنِ ﴿۵۶﴾

۽ اوهان تي اسان جو ڪو زور نہ (هلندو) هو، بلڪ (اوهين) پاڻ حد کان لنگهيل قوم هيؤ (٣٠). پوءِ اسان تي اسان جي پالڻهار جو چوڻ ثابت ٿيو تہ، بيشڪ اسين (عذاب) چکندڙ هجون (٣١). پوءِ اوهان کي گمراهہ ڪيوسون، جو بيشڪ اسين (پاڻ) بہ گمراهہ هياسون (٣٢). پوءِ بيشڪ اُهي اُنهيءَ ڏينهن عذاب ۾ هڪ ٻئي سان گڏ شريڪ هوندا (٣٣). بيشڪ اسين ڏوهارين سان اهڙيءَ طرح ڪندا آهيون (٣٤). بيشڪ اُهي (اهڙا) هئا جو جڏهن کين چئبو هو تہ الله کان سواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جي لائق نہ آهي (تڏهن) وڏائي ڪندا هئا (٣٥). ۽ چوندا هيا تہ اسان هڪ جنوني شاعر جي (چوڻ) تي پنهنجن معبودن کي ڇڏينداسون ڇا؟ (٣٦). بلڪ (پيغمبر محمدﷺ) سچ (يعني قرآن) آندو ۽ (سڀني) پيغمبرن کي سچو ڄاتائين (٣٧). بيشڪ اوهين ڏکائيندڙ عذاب (جو مزو) چکڻ وارا هجو (٣٨). ۽ جيڪي ڪندا هيؤ، تنهن کان سواءِ (ٻيو) ڪو بدلو نہ ڏبوَ (٣٩). پر الله جا خاص ٻانها (عذاب کان بچندا) (٤٠). انهن لاءِ روزي مقرر (ٿيل) آهي (٤١). (قسمين) ميوا ۽ اُهي عزتِ ڏنل هوندا (٤٢). نعمت وارن باغن ۾ (٤٣). پلنگن تي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون (ويٺل هوندا) (٤٤). وَهندڙ شراب جو پيالو مٿن پيو ڦيرائبو (٤٥). جو(بلڪل) اَڇو پيئندڙن لاءِ مزيدار هوندو (٤٦). نڪي منجهس مٿي جي ڦيري هوندي ۽ نڪي اُهي کانئس نشي وارا ٿيندا (٤٧). ۽ وٽن اکين واريون هيٺ نهاريندڙ (زالون) وڏين اکين واريون هونديون (٤٨). ڄڻڪ اُهي (حورون)، ڍَڪيل آنا آهن (٤٩). پوءِ ڪي (ماڻهو) ڪن ڏانهن منهن ڪري هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳندا (٥٠). منجهائُن ڪو چوندڙ چوندو تہ بيشڪ (دنيا ۾) منهنجو هڪ سنگتي هو (٥١). جو چوندو هو تہ تون (قيامت جو) مڃيندڙ ٿيو آهين ڇا؟ (٥٢). هان! جڏهن مرندا سون ۽ مٽي ۽ هڏا ٿينداسون (تڏهن) اسان کي بدلو ڏنو ويندو ڇا؟ (٥٣). (وري) اهو) چوندو تہ اوهين (بہ دوزخين کي) ڏسو ٿا ڇا؟ (٥٤). پوءِ (پاڻ) جهاتي پائيندو تہ اُهو (سنگتي) دوزخ جي وچ ۾ ڏسندو (٥٥). چوندو تہ، الله جو قسم تہ تون مون کي ذري گهٽ هلاڪ ٿي ڪيو (٥٦).

وَلَوْلَا نِعْمَةُ رَبِّیْ لَكُنْتُ مِنَ الْمُحْضَرِیْنَ ﴿۵۷﴾ اَفَمَا نَحْنُ
بِمَیِّتِیْنَ ﴿۵۸﴾ اِلَّا مَوْتَتَنَا الْاُوْلٰی وَمَا نَحْنُ بِمُعَذَّبِیْنَ ﴿۵۹﴾ اِنَّ
هٰذَا لَهُوَ الْفَوْزُ الْعَظِیْمُ ﴿۶۰﴾ لِمِثْلِ هٰذَا فَلْیَعْمَلِ الْعٰمِلُوْنَ ﴿۶۱﴾ اَذٰلِكَ
خَیْرٌ نُّزُلًا اَمْ شَجَرَةُ الزَّقُّوْمِ ﴿۶۲﴾ اِنَّا جَعَلْنٰهَا فِتْنَةً لِّلظّٰلِمِیْنَ ﴿۶۳﴾
اِنَّهَا شَجَرَةٌ تَخْرُجُ فِیْۤ اَصْلِ الْجَحِیْمِ ﴿۶۴﴾ طَلْعُهَا كَاَنَّهٗ رُءُوْسُ
الشَّیٰطِیْنِ ﴿۶۵﴾ فَاِنَّهُمْ لَاٰكِلُوْنَ مِنْهَا فَمَالِــُٔوْنَ مِنْهَا الْبُطُوْنَ ﴿۶۶﴾
ثُمَّ اِنَّ لَهُمْ عَلَیْهَا لَشَوْبًا مِّنْ حَمِیْمٍ ﴿۶۷﴾ ثُمَّ اِنَّ مَرْجِعَهُمْ لَاِالَی
الْجَحِیْمِ ﴿۶۸﴾ اِنَّهُمْ اَلْفَوْا اٰبَآءَهُمْ ضَآلِّیْنَ ﴿۶۹﴾ فَهُمْ عَلٰۤی اٰثٰرِهِمْ
یُهْرَعُوْنَ ﴿۷۰﴾ وَلَقَدْ ضَلَّ قَبْلَهُمْ اَكْثَرُ الْاَوَّلِیْنَ ﴿۷۱﴾ وَلَقَدْ
اَرْسَلْنَا فِیْهِمْ مُّنْذِرِیْنَ ﴿۷۲﴾ فَانْظُرْ كَیْفَ كَانَ عَاقِبَةُ
الْمُنْذَرِیْنَ ﴿۷۳﴾ اِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِیْنَ ﴿۷۴﴾ وَلَقَدْ نَادٰىنَا نُوْحٌ
فَلَنِعْمَ الْمُجِیْبُوْنَ ﴿۷۵﴾ وَنَجَّیْنٰهُ وَاَهْلَهٗ مِنَ الْكَرْبِ الْعَظِیْمِ ﴿۷۶﴾
وَجَعَلْنَا ذُرِّیَّتَهٗ هُمُ الْبٰقِیْنَ ﴿۷۷﴾ وَتَرَكْنَا عَلَیْهِ فِی الْاٰخِرِیْنَ ﴿۷۸﴾
سَلٰمٌ عَلٰی نُوْحٍ فِی الْعٰلَمِیْنَ ﴿۷۹﴾ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِی الْمُحْسِنِیْنَ ﴿۸۰﴾
اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِیْنَ ﴿۸۱﴾ ثُمَّ اَغْرَقْنَا الْاٰخَرِیْنَ ﴿۸۲﴾

۽ جيڪڏهن منهنجي پالڻهار جو (مون تي) فضل نہ ٿئي ها تہ بيشڪ آءٌ (بہ عذاب ۾) حاضر ڪيلن مان هجان ها (۵۷). بيشڪ اسين نڪي (هاڻي وري) مرڻ وارا آهيون (۵۸). رڳو اسان جو پهريون مرڻ هو (جو ٿي چڪو) ۽ نڪي عذاب ڪيل آهيون (۵۹). بيشڪ اِها وڏي مراد ماڻڻ آهي (٦٠). اهڙيءَ (نعمت) لاءِ ڀلي تہ عمل ڪندڙ عمل ڪن! (٦١). ڀَلا اِها (بيان ڪيل نعمت) مهمانيءَ طور ڀلي آهي يا ٿوهر جو وڻ؟ (٦٢). بيشڪ اسان اِن (وڻ) کي ظالمن جي لاءِ عذاب بڻايو آهي (٦٣). بيشڪ، اِهو هڪ وڻ آهي، جو دوزخ جي تري ۾ پيدا ٿيندو آهي (٦۴). اُن جون ٽاريون ڄڻڪ شيطانن جا مٿا آهن (٦۵). پوءِ بيشڪ، دوزخي اُن مان کائيندا پوءِ منجهانئس پيٽ ڀريندا (٦٦). وري انهن لاءِ اُن (کاڄ) تي ٽهڪندڙ پاڻيءَ جي ملاوت هوندي (٦٧). وري بيشڪ، (کائڻ پيئڻ کان پوءِ) سندن موٽڻ دوزخ ڏانهن هوندو (٦٨). بيشڪ اُنهن پنهنجن پيءُ ڏاڏن کي گمراهہ ڏٺو (٦٩). تنهن ڪري اُهي (بہ) سندن پيرن تي ڊوڙن ٿا (۷٠). ۽ بيشڪ کانئن اڳ اڳين مان گهڻا گمراهہ ٿيا هئا (۷١). ۽ بيشڪ منجهن ڊيڄاريندڙ موڪليا هئاسون (۷٢). پوءِ نهار تہ ڊيڄاريلن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي؟ (۷٣). پر الله جا خاص ٻانها (اُنهن جي پڇاڙي چڱي ٿي) (۷۴). ۽ بيشڪ نوح اسان کي سڏيو، پوءِ اسين چڱا (دعا) قبول ڪندڙ آهيون (۷۵). ۽ کيس ۽ سندس (تعلق دارن) ماڻهن کي وڏيءَ مصيبت کان بچايوسون (۷٦). ۽ (فقط) سندس اولاد کي ئي باقي رهيل ڪيوسون (۷۷). ۽ پوين ۾ اُن لاءِ (چڱي يادگيري) ڇڏي سون (۷۸). ساري جڳ ۾ نوح تي شال سلام هجي (۷۹). بيشڪ اسين ڀلارن کي اهڙي طرح بدلو ڏيندا آهيون (٨٠). بيشڪ اهو اسان جي مؤمن ٻانهن مان آهي (٨١). وري ٻين کي ٻوڙيوسون (٨٢).

وَاِنَّ مِنْ شِيْعَتِهٖ لَاِبْرٰهِيْمَ ﴿۸۳﴾ اِذْ جَآءَ رَبَّهٗ بِقَلْبٍ سَلِيْمٍ ﴿۸۴﴾
اِذْ قَالَ لِاَبِيْهِ وَقَوْمِهٖ مَاذَا تَعْبُدُوْنَ ﴿۸۵﴾ اَئِفْكًا اٰلِهَةً دُوْنَ اللّٰهِ
تُرِيْدُوْنَ ﴿۸۶﴾ فَمَا ظَنُّكُمْ بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۸۷﴾ فَنَظَرَ نَظْرَةً فِي النُّجُوْمِ ﴿۸۸﴾
فَقَالَ اِنِّيْ سَقِيْمٌ ﴿۸۹﴾ فَتَوَلَّوْا عَنْهُ مُدْبِرِيْنَ ﴿۹۰﴾ فَرَاغَ اِلٰٓى اٰلِهَتِهِمْ
فَقَالَ اَلَا تَاْكُلُوْنَ ﴿۹۱﴾ مَا لَكُمْ لَا تَنْطِقُوْنَ ﴿۹۲﴾ فَرَاغَ عَلَيْهِمْ
ضَرْبًا بِالْيَمِيْنِ ﴿۹۳﴾ فَاَقْبَلُوْٓا اِلَيْهِ يَزِفُّوْنَ ﴿۹۴﴾ قَالَ اَتَعْبُدُوْنَ مَا
تَنْحِتُوْنَ ﴿۹۵﴾ وَاللّٰهُ خَلَقَكُمْ وَمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿۹۶﴾ قَالُوا ابْنُوْا لَهٗ بُنْيَانًا
فَاَلْقُوْهُ فِي الْجَحِيْمِ ﴿۹۷﴾ فَاَرَادُوْا بِهٖ كَيْدًا فَجَعَلْنٰهُمُ الْاَسْفَلِيْنَ ﴿۹۸﴾
وَقَالَ اِنِّيْ ذَاهِبٌ اِلٰى رَبِّيْ سَيَهْدِيْنِ ﴿۹۹﴾ رَبِّ هَبْ لِيْ مِنَ
الصّٰلِحِيْنَ ﴿۱۰۰﴾ فَبَشَّرْنٰهُ بِغُلٰمٍ حَلِيْمٍ ﴿۱۰۱﴾ فَلَمَّا بَلَغَ مَعَهُ السَّعْيَ
قَالَ يٰبُنَيَّ اِنِّيْٓ اَرٰى فِي الْمَنَامِ اَنِّيْٓ اَذْبَحُكَ فَانْظُرْ مَاذَا تَرٰى
قَالَ يٰٓاَبَتِ افْعَلْ مَا تُؤْمَرُ سَتَجِدُنِيْٓ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ مِنَ
الصّٰبِرِيْنَ ﴿۱۰۲﴾ فَلَمَّآ اَسْلَمَا وَتَلَّهٗ لِلْجَبِيْنِ ﴿۱۰۳﴾ وَنَادَيْنٰهُ اَنْ يّٰٓاِبْرٰهِيْمُ ﴿۱۰۴﴾
قَدْ صَدَّقْتَ الرُّءْيَا اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۰۵﴾ اِنَّ
هٰذَا لَهُوَ الْبَلٰٓؤُا الْمُبِيْنُ ﴿۱۰۶﴾ وَفَدَيْنٰهُ بِذِبْحٍ عَظِيْمٍ ﴿۱۰۷﴾

۽ بيشڪ نوح جي پيروي ڪندڙن مان ابراهيم هو (٨٣). (ياد ڪر) جڏهن (هو) پنهنجي پالڻهار وٽ سالم دل سان آيو (٨۴). (ياد ڪر) جڏهن پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجيءَ قوم کي چيائين ته اوهين ڇا کي پوڄيندا آهيو؟ (٨٥). الله کان سواءِ هٿرادو نهيلن معبودن کي گهرو ٿا ڇا؟ (٨٦). پوءِ جهانن جي پالڻهار بابت اوهان جو ڪهڙو گمان آهي؟ (٨٧). پوءِ تارن ۾ هڪ ڀيرو چتائي ڏٺائين (٨٨). پوءِ چيائين ته آءٌ بيمار ٿيندس (٨٩). پوءِ کانئس پٺي ڏيئي ڦريا (٩٠). پوءِ سندن معبودن ڏانهن منهن ڪيائين ۽ چيائين ته اوهين (ڪجهه) نه ٿا کائو ڇا؟ (٩١). اوهان کي ڇا (ٿيو) آهي؟ جو نه ٿا ڳالهايو (٩٢). پوءِ سڄي هٿ (يعني زور) سان مٿن ڏاڍا ڌڪ هڻڻ لڳو (٩٣). پوءِ قوم (وارا) ڏانهس ڊوڙندا سامهون آيا (٩۴). (ڪين) چيائين ته جنهن کي اوهين (پاڻ) گهڙيندا آهيو، تنهن کي ڇو پوڄيندا آهيو؟ (٩٥). هن هوندي جو الله اوهان ۽ جيڪي اوهين ڪريو ٿا، تنهن کي پيدا ڪيو (٩٦). (هڪ ٻئي کي) چيائون ته، ابراهيم لاءِ ڪا اڏاوت اڏيو، پوءِ کيس (باه جي) آڙاهه ۾ اُڇليو (٩٧). پوءِ ساڻس فريب ڪرڻ جو ارادو ڪيائون، پوءِ ڪين هيٺاهان ٿيندڙ ڪيوسون (٩٨). (ابراهيم) چيو ته، بيشڪ آءٌ پنهنجي پالڻهار ڏانهن وڃڻ وارو آهيان، (اُهو) سگهوئي مون کي واٽ ڏيکاريندو (جتي سندس رضا هوندي) (٩٩). اي منهنجا پالڻهار! صالحن مان (ڪو پٽ) مونکي عطا ڪر (١٠٠). پوءِ کيس هڪ بردبار نينگر جي خوشخبري ڏني سون (١٠١). پوءِ جڏهن ساڻس گڏجي ڪم ڪار ڪرڻ (واريءَ عمر) کي پهتو (تڏهن ابراهيم) چيو ته، اي منهنجا پٽڙا! بيشڪ آءٌ ننڊ ۾ ڏسان پيو ته، آءٌ توکي ڪُهان ٿو، پوءِ تون نظر ڪر ته تنهنجي دل ۾ ڇا ٿو اچي؟ چيائين ته اي منهنجا ابا! جنهن (ڪم) جو تو کي حڪم ڏنو وڃي ٿو سو ڪر، جيڪڏهن الله گهريو ته مون کي صبر ڪرڻ وارن مان لهندين (١٠٢). پوءِ جڏهن ٻنهي حڪم مڃيو ۽ ابراهيم (پنهنجي) پٽ کي پيشانيءَ ڀر ليٽايو (١٠٣). ۽ کيس سڏيوسون ته اي ابراهيم! (١٠۴). بيشڪ تو خواب کي سچو ڪيو، بيشڪ اسين ڀلارن کي اهڙيءَ طرح بدلو ڏيندا آهيون (١٠٥). بيشڪ اها پڌري پرک آهي (١٠٦). ۽ قربانيءَ جي وڏي جانور سان ان جو عيوض ڏنوسون (١٠٧).

وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ فِي الْاٰخِرِيْنَ ۝١٠٨ سَلٰمٌ عَلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ ۝١٠٩ كَذٰلِكَ
نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ۝١١٠ اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ ۝١١١ وَبَشَّرْنٰهُ
بِاِسْحٰقَ نَبِيًّا مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ۝١١٢ وَبٰرَكْنَا عَلَيْهِ وَعَلٰٓى اِسْحٰقَ ؕ وَ
مِنْ ذُرِّيَّتِهِمَا مُحْسِنٌ وَّظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ مُبِيْنٌ ۝١١٣ع وَلَقَدْ مَنَنَّا عَلٰى
مُوْسٰى وَهٰرُوْنَ ۝١١٤ج وَنَجَّيْنٰهُمَا وَقَوْمَهُمَا مِنَ الْكَرْبِ الْعَظِيْمِ ۝١١٥ج
وَنَصَرْنٰهُمْ فَكَانُوْا هُمُ الْغٰلِبِيْنَ ۝١١٦ج وَاٰتَيْنٰهُمَا الْكِتٰبَ الْمُسْتَبِيْنَ ۝١١٧ج
وَهَدَيْنٰهُمَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ ۝١١٨ج وَتَرَكْنَا عَلَيْهِمَا فِي
الْاٰخِرِيْنَ ۝١١٩ صلے لا سَلٰمٌ عَلٰى مُوْسٰى وَهٰرُوْنَ ۝١٢٠ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي
الْمُحْسِنِيْنَ ۝١٢١ اِنَّهُمَا مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ ۝١٢٢ وَاِنَّ اِلْيَاسَ
لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ۝١٢٣ ؕ اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖٓ اَلَا تَتَّقُوْنَ ۝١٢٤ اَتَدْعُوْنَ
بَعْلًا وَّتَذَرُوْنَ اَحْسَنَ الْخٰلِقِيْنَ ۝١٢٥ لا اللّٰهَ رَبَّكُمْ وَرَبَّ اٰبَآئِكُمُ
الْاَوَّلِيْنَ ۝١٢٦ فَكَذَّبُوْهُ فَاِنَّهُمْ لَمُحْضَرُوْنَ ۝١٢٧ لا اِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ
الْمُخْلَصِيْنَ ۝١٢٨ وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ فِي الْاٰخِرِيْنَ ۝١٢٩ لا سَلٰمٌ عَلٰٓى
اِلْ يَاسِيْنَ ۝١٣٠ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ۝١٣١ اِنَّهٗ مِنْ
عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ ۝١٣٢ وَاِنَّ لُوْطًا لَّمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ۝١٣٣ ؕ

۽ پوين ۾ (چڱي ساراھ) اُن لاءِ ڇڏي سون (١٠٨). ابراهيم تي شال سلام هجي! (١٠٩). ڀلارن کي اهڙيءَ طرح بدلو ڏيندا آهيون (١١٠). بيشڪ اُهو اسان جي مؤمنن ٻانهن مان آهي (١١١). ۽ کيس اسحاق جي خوشخبري ڏني سون جو صالحن مان هڪڙو نبي آهي (١١٢). ۽ ابراهيم تي ۽ اسحاق تي برڪت نازل ڪئي سون ۽ ٻنهي جي اولاد مان ڪي نيڪوڪار آهن ۽ ڪي پاڻ تي ظاهر ظهور ظلم ڪندڙ آهن (١١٣). ۽ بيشڪ موسىٰ ۽ هارون تي احسان ڪيوسون (١١٤). ۽ کين ۽ سندن قوم کي وڏيءَ سختيءَ کان بچايو سون (١١٥). ۽ کين مدد ڏني سون پوءِ اُهي غالب رهيا (١١٦). ۽ کين پڌرو ڪتاب ڏنوسون (١١٧). ۽ کين سڌي رستي لاتوسون (١١٨). ۽ پوين ۾ (چڱي ساراھ) اُنهن لاءِ ڇڏي سون (١١٩). موسىٰ ۽ هارون تي شال سلام هجي (١٢٠). بيشڪ اسين ڀلارن کي اهڙيءَ طرح بدلو ڏيندا آهيون (١٢١). بيشڪ اُهي (ٻئي) اسان جي مؤمنن ٻانهن مان آهن (١٢٢). ۽ بيشڪ الياس پيغمبرن مان هو (١٢٣). جڏهن پنهنجيءَ قوم کي چيائين تہ (الله کان) ڇو نہ ڊڄندا آهيو؟ (١٢٤). ڇو بَعل (نالي بت) کي پوڄيندا آهيو ۽ سڀ کان ڀلي خلقيندڙ کي ڇڏيندا آهيو؟ (١٢٥). (جو) الله اوهان جو پالڻهار ۽ اوهان جي اڳين پِيُن ڏاڏن جو پالڻهار آهي (١٢٦). پوءِ کيس ڪوڙو ڀانيائون، تنهن ڪري اُهي بيشڪ (دوزخ ۾) حاضر ڪيل آهن (١٢٧). پر الله جا خاص ٻانها (ڇٽل آهن) (١٢٨). ۽ پوين ۾ (چڱي ساراھ) اُن لاءِ ڇڏي سون (١٢٩). الياس تي شال سلام هجي (١٣٠). بيشڪ اسين ڀلارن کي اهڙيءَ طرح بدلو ڏيندا آهيون (١٣١). بيشڪ اُهو اسان جي مومنن ٻانهن مان آهي (١٣٢). ۽ بيشڪ لوط پيغمبرن مان هو (١٣٣).

إِذْ نَجَّيْنٰهُ وَأَهْلَهٗٓ أَجْمَعِيْنَ ﴿١٣٤﴾ إِلَّا عَجُوْزًا فِى الْغٰبِرِيْنَ ﴿١٣٥﴾ ثُمَّ
دَمَّرْنَا الْاٰخَرِيْنَ ﴿١٣٦﴾ وَإِنَّكُمْ لَتَمُرُّوْنَ عَلَيْهِمْ مُّصْبِحِيْنَ ﴿١٣٧﴾ وَبِالَّيْلِ ط
أَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿١٣٨﴾ ع وَإِنَّ يُوْنُسَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٣٩﴾ إِذْ أَبَقَ إِلَى
الْفُلْكِ الْمَشْحُوْنِ ﴿١٤٠﴾ فَسَاهَمَ فَكَانَ مِنَ الْمُدْحَضِيْنَ ﴿١٤١﴾
فَالْتَقَمَهُ الْحُوْتُ وَهُوَ مُلِيْمٌ ﴿١٤٢﴾ فَلَوْلَآ أَنَّهٗ كَانَ مِنَ الْمُسَبِّحِيْنَ ﴿١٤٣﴾
لَلَبِثَ فِىْ بَطْنِهٖٓ إِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ﴿١٤٤﴾ فَنَبَذْنٰهُ بِالْعَرَآءِ وَهُوَ
سَقِيْمٌ ﴿١٤٥﴾ وَأَنْۢبَتْنَا عَلَيْهِ شَجَرَةً مِّنْ يَّقْطِيْنٍ ﴿١٤٦﴾ وَأَرْسَلْنٰهُ إِلٰى
مِائَةِ أَلْفٍ أَوْ يَزِيْدُوْنَ ﴿١٤٧﴾ فَاٰمَنُوْا فَمَتَّعْنٰهُمْ إِلٰى حِيْنٍ ﴿١٤٨﴾
فَاسْتَفْتِهِمْ أَلِرَبِّكَ الْبَنَاتُ وَلَهُمُ الْبَنُوْنَ ﴿١٤٩﴾ أَمْ خَلَقْنَا الْمَلٰٓئِكَةَ
إِنَاثًا وَّهُمْ شٰهِدُوْنَ ﴿١٥٠﴾ أَلَآ إِنَّهُمْ مِّنْ إِفْكِهِمْ لَيَقُوْلُوْنَ ﴿١٥١﴾
وَلَدَ اللّٰهُ وَإِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿١٥٢﴾ أَصْطَفَى الْبَنَاتِ عَلَى الْبَنِيْنَ ﴿١٥٣﴾
مَا لَكُمْ كَيْفَ تَحْكُمُوْنَ ﴿١٥٤﴾ أَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿١٥٥﴾ أَمْ لَكُمْ سُلْطٰنٌ
مُّبِيْنٌ ﴿١٥٦﴾ فَأْتُوْا بِكِتٰبِكُمْ إِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١٥٧﴾ وَجَعَلُوْا بَيْنَهٗ
وَبَيْنَ الْجِنَّةِ نَسَبًا ط وَلَقَدْ عَلِمَتِ الْجِنَّةُ إِنَّهُمْ لَمُحْضَرُوْنَ ﴿١٥٨﴾
سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿١٥٩﴾ إِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿١٦٠﴾

(ياد ڪر) جڏهن ان کي ۽ سندس مڙني گهروارن کي بچايوسون (١٣٤). سواءِ هڪ ڪراڙيءَ زال جي جا پٺتي رهندڙن ۾ ٿي (١٣٥). وري (هُنن) ٻين کي هلاڪ ڪيوسون (١٣٦). ۽ بيشڪ اوهين انهن (جي ڳوٺن) وٽان صبح جو لگهندا آهيو (١٣٧). ۽ رات جو (ب) پوءِ ڇو نه سمجهندا آهيو؟ (١٣٨). ۽ بيشڪ يونس پيغمبرن مان هو (١٣٩). جڏهن (هو) ڀريل ٻيڙيءَ ڏانهن ڀڳو (١٤٠). پوءِ (ٻيڙيءَ وارن سان) پکو وڌائين ته (پاڻ) ڪُکي پيلن مان ٿيو (١٤١) پوءِ کيس مڇي ڳهي وئي ۽ اُهو (اهڙو ڪم ڪندڙ هو جو) ملامت جو لائق هو (١٤٢). پوءِ اُهو جيڪڏهن تسبيح چوندڙن مان نه هجي ها (١٤٣). ته اُنهيءَ (قيامت واري) ڏينهن تائين جنهن ۾ (ماڻهو) اُٿارجن اُن جي پيٽ ۾ رهي ها (١٤٤). پوءِ کيس صاف پَٽ ۾ اڇليوسون ۽ اهو بيمار هو (١٤٥). ۽ مٿس وڻ ڪدوءَ (جي قسم) مان ڄمايوسون (١٤٦). ۽ کيس (هڪ) لک يا (اُن کان) وڌيڪ (ماڻهن) ڏانهن موڪليوسون (١٤٧). پوءِ (اُنهن) ايمان آندو، پوءِ هڪ وقت تائين کين آسودو ڪيوسون (١٤٨). پوءِ (اي پيغمبر!) اُنهن (يعني مشرڪن) کان پڇ ته تنهنجي پالڻهار کي ڌيئر آهن ڇا ۽ کين پٽ آهن؟ (١٤٩). يا ملائڪن کي ماديون (ڪري) بڻايوسون ۽ اُهي (اُن وقت) حاضر هئا؟ (١٥٠). خبردار هجو! (ته) بيشڪ اُهي پنهنجي (هٺرادو ٺهيل) ڪوڙ مان چوندا آهن (١٥١). ته الله (اولاد کي) ڄڻيو آهي ۽ پڪ اُهي ڪوڙا آهن (١٥٢). پٽن کان ڌيئر پسند ڪيائين ڇا؟ (١٥٣). اوهان کي ڇا ٿيو آهي، ڪيئن فيصلو ڪندا آهيو؟ (١٥٤). (اوهين) ڇو نه ڌيان ڪندا آهيو؟ (١٥٥). يا اوهان لاءِ ڪا پڌري حجت آهي؟ (١٥٦). جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته پنهنجو ڪتاب آڻيو (١٥٧). ۽ (ڪافرن) الله ۽ جنّن جي وچ ۾ مائٽي مقرر ڪئي ۽ بيشڪ جنن ڄاتو آهي ته اُهي (قيامت ۾ حساب لاءِ) ضرور حاضر ڪيا ويندا (١٥٨). (ڪافر) جيڪو بيان ڪندا آهن، تنهن کان الله پاڪ آهي (١٥٩). پر الله جا خاص ٻانها (اُنهن جو چوڻ سچو آهي) (١٦٠).

فَاِنَّكُمْ وَمَا تَعْبُدُوْنَ ۝۱۶۱ مَآ اَنْتُمْ عَلَيْهِ بِفٰتِنِيْنَ ۝۱۶۲ اِلَّا مَنْ هُوَ
صَالِ الْجَحِيْمِ ۝۱۶۳ وَمَا مِنَّآ اِلَّا لَهٗ مَقَامٌ مَّعْلُوْمٌ ۝۱۶۴ وَّاِنَّا لَنَحْنُ
الصَّآفُّوْنَ ۝۱۶۵ وَاِنَّا لَنَحْنُ الْمُسَبِّحُوْنَ ۝۱۶۶ وَاِنْ كَانُوْا لَيَقُوْلُوْنَ ۝۱۶۷
لَوْ اَنَّ عِنْدَنَا ذِكْرًا مِّنَ الْاَوَّلِيْنَ ۝۱۶۸ لَكُنَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ ۝۱۶۹
فَكَفَرُوْا بِهٖ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ۝۱۷۰ وَلَقَدْ سَبَقَتْ كَلِمَتُنَا لِعِبَادِنَا
الْمُرْسَلِيْنَ ۝۱۷۱ اِنَّهُمْ لَهُمُ الْمَنْصُوْرُوْنَ ۝۱۷۲ وَاِنَّ جُنْدَنَا لَهُمُ
الْغٰلِبُوْنَ ۝۱۷۳ فَتَوَلَّ عَنْهُمْ حَتّٰى حِيْنٍ ۝۱۷۴ وَّاَبْصِرْهُمْ فَسَوْفَ يُبْصِرُوْنَ ۝۱۷۵
اَفَبِعَذَابِنَا يَسْتَعْجِلُوْنَ ۝۱۷۶ فَاِذَا نَزَلَ بِسَاحَتِهِمْ فَسَآءَ صَبَاحُ
الْمُنْذَرِيْنَ ۝۱۷۷ وَتَوَلَّ عَنْهُمْ حَتّٰى حِيْنٍ ۝۱۷۸ وَّاَبْصِرْ فَسَوْفَ يُبْصِرُوْنَ ۝۱۷۹
سُبْحٰنَ رَبِّكَ رَبِّ الْعِزَّةِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ۝۱۸۰ وَسَلٰمٌ عَلَى
الْمُرْسَلِيْنَ ۝۱۸۱ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝۱۸۲

## سُوْرَةُ صٓ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

صٓ وَالْقُرْاٰنِ ذِي الذِّكْرِ ۝۱ بَلِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِيْ عِزَّةٍ وَّشِقَاقٍ ۝۲
كَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ قَرْنٍ فَنَادَوْا وَّلَاتَ حِيْنَ مَنَاصٍ ۝۳

پوءِ (اي ڪافرؤ) بيشڪ اوهين ۽ جن (بتن) کي پوڄيندا آهيو (١٦١). اوهين (سڀئي) اُن (يعني ڪوڙن معبودن جي عبادت) لاءِ گمراهه ڪرڻ وارا نه آهيو (١٦٢). پر اُنهيءَ کي جيڪو (پاڻ) دوزخ ۾ گهڙڻ وارو آهي (١٦٣). ۽ (ملائڪ چوندا آهن ته) اسان مان اهڙو آهي ئي ڪونه جنهن لاءِ (عبادت جي) هڪ جاءِ مقرر نه آهي (١٦٤). ۽ بيشڪ اسين صف ٻَڌڻ وارا آهيون (١٦٥). ۽ بيشڪ اسين تسبيح چوڻ وارا آهيون (١٦٦). ۽ بيشڪ (ڪافر) چوندا هئا (١٦٧). ته جيڪڏهن اسان وٽ پهرين جو احوال هجي ها (١٦٨). ته ضرور الله جا خالص ٻانها ٿيون ها (١٦٩). وري اُن (يعني قرآن) جا منڪر ٿيا، پوءِ سگهوئي (ڪفر جي پڄاڻي) ڄاڻندا (١٧٠). ۽ بيشڪ پنهنجن پيغمبر ٻانهن لاءِ اسان جو وعدو اڳيئي ٿي چڪو (١٧١). ته بيشڪ، اُهي (اسان جا پيغمبر) ئي مدد ڏنل آهن (١٧٢). ۽ بيشڪ، اسان جو لشڪر ئي غالب آهي (١٧٣). پوءِ ڪائنن هڪ وقت تائين منهن موڙ (١٧٤). ۽ کين ڏسندو رهه، پوءِ اُهي به سگهوئي ڏسندا (١٧٥). (هي ڪافر) اسان جو عذاب جلد گهرندا آهن ڇا؟ (١٧٦). پوءِ جڏهن سندن (گهرن جي) اڳڻ ۾ (عذاب) لهندو، تڏهن ڊيڄاريلن جو صبح بڇڙو ٿيندو (١٧٧). ۽ ڪائنن هڪ وقت تائين منهن موڙ (١٧٨). ۽ ڏسندو رهه، پوءِ اُهي به سگهوئي (نتيجو) ڏسندا (١٧٩). تنهنجو پالڻهار عزت وارو آهي، جيڪي (اُهي ڪافر) بيان ڪندا آهن، تنهن کان (اُهو) پاڪ آهي (١٨٠). ۽ (الله جي) پيغمبرن تي شال سلام هجي (١٨١). ۽ جهانن جي پالڻهار الله کي ئي سڀ ساراهه جڳائيندي آهي (١٨٢).

سورة ص مڪي آهي ۽ هن ۾ اٺاسي
آيتون ۽ پنج رڪوع آهن.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

ص (هن) قرآن نصيحت (ڏيڻ) واري جو قسم آهي (ته جنهن دين ڏانهن سڏين ٿو، سو سچ آهي) (١). بلڪ ڪافر وڏائيءَ ۽ مخالفت ۾ (پيل) آهن (٢). ڪائنن اڳ گهڻائي جڳ هلاڪ ڪياسون، پوءِ دانهون ڪرڻ لڳا ۽ اهو ڇوٽڪاري جو وقت نه هو (٣).

وَعَجِبُوْٓا اَنْ جَآءَهُمْ مُّنْذِرٌ مِّنْهُمْ ۫ وَقَالَ الْكٰفِرُوْنَ هٰذَا سٰحِرٌ
كَذَّابٌ ۝٤ اَجَعَلَ الْاٰلِهَةَ اِلٰهًا وَّاحِدًا ۚ اِنَّ هٰذَا لَشَيْءٌ عُجَابٌ ۝٥
وَانْطَلَقَ الْمَلَاُ مِنْهُمْ اَنِ امْشُوْا وَاصْبِرُوْا عَلٰٓى اٰلِهَتِكُمْ ۚ اِنَّ هٰذَا
لَشَيْءٌ يُّرَادُ ۝٦ مَا سَمِعْنَا بِهٰذَا فِي الْمِلَّةِ الْاٰخِرَةِ ۚ اِنْ هٰذَآ اِلَّا
اخْتِلَاقٌ ۝٧ ءَاُنْزِلَ عَلَيْهِ الذِّكْرُ مِنْۢ بَيْنِنَا ؕ بَلْ هُمْ فِيْ شَكٍّ مِّنْ
ذِكْرِيْ ۚ بَلْ لَّمَّا يَذُوْقُوْا عَذَابِ ۝٨ اَمْ عِنْدَهُمْ خَزَآئِنُ رَحْمَةِ
رَبِّكَ الْعَزِيْزِ الْوَهَّابِ ۝٩ اَمْ لَهُمْ مُّلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا
بَيْنَهُمَا ۟ فَلْيَرْتَقُوْا فِي الْاَسْبَابِ ۝١٠ جُنْدٌ مَّا هُنَالِكَ مَهْزُوْمٌ مِّنَ
الْاَحْزَابِ ۝١١ كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ وَّعَادٌ وَّفِرْعَوْنُ ذُو الْاَوْتَادِ ۝١٢
وَثَمُوْدُ وَقَوْمُ لُوْطٍ وَّاَصْحٰبُ لْئَيْكَةِ ؕ اُولٰٓئِكَ الْاَحْزَابُ ۝١٣ اِنْ
كُلٌّ اِلَّا كَذَّبَ الرُّسُلَ فَحَقَّ عِقَابِ ۝١٤ وَمَا يَنْظُرُ هٰٓؤُلَآءِ
اِلَّا صَيْحَةً وَّاحِدَةً مَّا لَهَا مِنْ فَوَاقٍ ۝١٥ وَقَالُوْا رَبَّنَا
عَجِّلْ لَّنَا قِطَّنَا قَبْلَ يَوْمِ الْحِسَابِ ۝١٦ اِصْبِرْ عَلٰى مَا
يَقُوْلُوْنَ وَاذْكُرْ عَبْدَنَا دَاوٗدَ ذَا الْاَيْدِ ۚ اِنَّهٗٓ اَوَّابٌ ۝١٧
اِنَّا سَخَّرْنَا الْجِبَالَ مَعَهٗ يُسَبِّحْنَ بِالْعَشِيِّ وَالْاِشْرَاقِ ۝١٨

۽ منجهانئن هڪ ڊيڄاريندڙ وٽن آيو ته عجب ڪرڻ لڳا ۽ (اهي) ڪافر چوڻ لڳا ته، هيءُ (شخص) جادوگر ڪوڙو آهي (۴). ڀلا (ڏسو ته) سڀني معبودن کي هڪ معبود ڪيائين؟ بيشڪ هيءَ ڏاڍي عجيب ڳالهه آهي (۵). ۽ منجهانئن (سڪرن جي) ٽولي (هڪ ٻئي کي چوندي) هلي وئي ته هلو ۽ پنهنجن معبودن (جي پوڄا) تي پڪا رهو، بيشڪ هن (نئين دين ۾ ڪو) غرض رکيو ويو آهي (٦). اِها (ڳالهه) پوئين دين ۾ (ڪڏهن) نه ٻڌي سون، هيءُ ته رڳو ٺاهه آهي (٧). اسان مڙني جي وچان مٿس ئي قرآن نازل ڪيو ويو ڇا؟ بلڪ اُهي (ڪافر) منهنجيءَ نصيحت کان شڪ ۾ (پيل) آهن (نه!) بلڪ اڃان منهنجو عذاب نه چکيو اٿن (٨). تنهنجي پالڻهار غالب بخشڻهار جي ٻاجھ جا (ڪي) خزانا وٽن آهن ڇا؟ (٩). آسمانن ۽ زمين جي ۽ جيڪي اِنهن (ٻنهي) جي وچ ۾ آهي، تنهن جي بادشاهي اُنهن جي آهي ڇا؟ (جي ائين آهي) ته جڳائي ته رسين سان (لڙڪي) مٿي چڙهن (١٠). شڪست کاڌل ٽولين مان هي (ڪافر) هتي هڪ (گڏ ٿيل) لشڪر آهي (١١). اِنهن کان اڳ نوح جي قوم ۽ عاد ۽ ميخن واري فرعون (نبين کي) ڪوڙو ڄاتو (١٢). ۽ ثمود ۽ لوط جي قوم ۽ (شهر) ايڪ وارن- انهن جماعتن به (کين ڪوڙو ڀانيو) (١٣). اِهي ٽوليون (جيڪي به هيون تن) سڀني پيغمبرن کي ڪوڙو ڀانيو، تنهن ڪري منهنجي سزا (مٿن) لازم ٿي (١۴). ۽ هي (هن وقت جا ڪافر به) رڳو هڪ سخت آواز جا منتظر رهندا آهن، جنهن کي ڪا ساهي نه هوندي (١۵). ۽ (ٺٺوليءَ طرح) چوندا آهن ته اي اسان جا پالڻهار! حساب جي ڏينهن کان اڳ اسان (جي عذاب) جو ڀاڱو اسان کي جلد ڏي (١٦). (اي پيغمبر) جيڪي چوندا آهن، تنهن تي صبر ڪر ۽ اسان جي طاقت واري ٻانهي داؤد کي ياد ڪر، بيشڪ اهو رجوع ڪرڻ وارو هو (١٧). بيشڪ اسان جبلن کي سندس تابع ڪيو (جو) سانجهيءَ ۽ صبح جو (ساڻس) تسبيحون پڙهندا هئا (١٨).

وَالطَّيْرَ مَحْشُوْرَةً ؕ كُلٌّ لَّهٗۤ اَوَّابٌ ﴿۱۹﴾ وَشَدَدْنَا مُلْكَهٗ وَاٰتَيْنٰهُ الْحِكْمَةَ
وَفَصْلَ الْخِطَابِ ﴿۲۰﴾ وَهَلْ اَتٰىكَ نَبَؤُا الْخَصْمِ ۘ اِذْ تَسَوَّرُوا الْمِحْرَابَ ﴿۲۱﴾ ۙ
اِذْ دَخَلُوْا عَلٰى دَاوٗدَ فَفَزِعَ مِنْهُمْ قَالُوْا لَا تَخَفْ ۚ خَصْمٰنِ بَغٰى
بَعْضُنَا عَلٰى بَعْضٍ فَاحْكُمْ بَيْنَنَا بِالْحَقِّ وَلَا تُشْطِطْ وَاهْدِنَاۤ اِلٰى
سَوَآءِ الصِّرَاطِ ﴿۲۲﴾ اِنَّ هٰذَاۤ اَخِيْ ۫ لَهٗ تِسْعٌ وَّتِسْعُوْنَ نَعْجَةً وَّلِيَ
نَعْجَةٌ وَّاحِدَةٌ ۫ فَقَالَ اَكْفِلْنِيْهَا وَعَزَّنِيْ فِي الْخِطَابِ ﴿۲۳﴾ قَالَ لَقَدْ
ظَلَمَكَ بِسُؤَالِ نَعْجَتِكَ اِلٰى نِعَاجِهٖ ؕ وَاِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ الْخُلَطَآءِ
لَيَبْغِيْ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ
وَقَلِيْلٌ مَّا هُمْ ؕ وَظَنَّ دَاوٗدُ اَنَّمَا فَتَنّٰهُ فَاسْتَغْفَرَ رَبَّهٗ وَخَرَّ رَاكِعًا
وَّاَنَابَ ﴿۲۴﴾ السجدة فَغَفَرْنَا لَهٗ ذٰلِكَ ؕ وَاِنَّ لَهٗ عِنْدَنَا لَزُلْفٰى وَحُسْنَ
مَاٰبٍ ﴿۲۵﴾ يٰدَاوٗدُ اِنَّا جَعَلْنٰكَ خَلِيْفَةً فِي الْاَرْضِ فَاحْكُمْ بَيْنَ
النَّاسِ بِالْحَقِّ وَلَا تَتَّبِعِ الْهَوٰى فَيُضِلَّكَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ
اِنَّ الَّذِيْنَ يَضِلُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌۢ بِمَا نَسُوْا
يَوْمَ الْحِسَابِ ﴿۲۶﴾ ع وَمَا خَلَقْنَا السَّمَآءَ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا بَاطِلًا ؕ
ذٰلِكَ ظَنُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۚ فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنَ النَّارِ ؕ ﴿۲۷﴾

۽ گڏ ڪيل پکين کي به (سندس تابع ڪيوسين) هر هڪ (تسبيح گڏ چوڻ ۾) سندس فرمان برادر هو (١٩). ۽ سندس بادشاهيءَ کي مضبوط ڪيوسين ۽ کيس دانائي ۽ فيصلي ڪرڻ جي تدبير ڏني سون (٢٠). ۽ (پاڻ ۾ ڀن) وڙهندڙن جي خبر تو وٽ نه پهتي آهي ڇا؟ جڏهن (اُهي) ڀت ٽپي هجري ۾ آيا (٢١). جڏهن داؤد وٽ (اندر) پهتا تڏهن (هو) کانئن ڊڄي ويو، چيائون ته نه ڊڄ! (اسين) ٻه جهڳڙو ڪندڙ آهيون، اسان مان هڪڙي ٻئي تي ڏاڍ ڪيو آهي، تنهن ڪري اسان جي وچ ۾ انصاف سان فيصلو ڪر ۽ (فيصلي ۾) بي انصافي نه ڪر ۽ اسان کي سڌيءَ واٽ ڏانهن رستي لاءِ (٢٢). بيشڪ هيءُ منهنجو ڀاءُ آهي، جنهن کي نوانوي رڍون آهن ۽ مون کي هڪ رڍ آهي، پوءِ هن چيو ته اها (هڪ رڍ) به منهنجي حوالي ڪر ۽ مون تي ڳالهائڻ ۾ سختي ڪري رهيو آهي (٢٣). داؤد چيو ته (هن) تنهنجيءَ (هڪ) رڍ جي گهرڻ ڪري ته پنهنجين رڍن سان گڏي تو تي بيشڪ ظلم ڪيو ۽ بيشڪ ڀائيوارن مان گهڻا هڪ ٻئي تي ظلم ڪندا آهن، سواءِ اُنهن جي جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ۽ اُهي (ظلم نه ڪندڙ) ٿورا آهن. ۽ داؤد ڄاتو ته کيس پرکيو اٿئون، تنهن ڪري پنهنجي پالڻهار کان بخشش گهريائين ۽ سجدو ڪندڙ ٿي ڪري پيو ۽ (الله ڏانهن) رجوع ڪيائين (٢٤). پوءِ کيس اهو (سندس گناهه) بخشيوسون ۽ بيشڪ ان لاءِ اسان وٽ مرتبو آهي ۽ چڱو موٽڻ جو هنڌ آهي (٢٥). (چيوسون ته) اي داؤد! بيشڪ اسان توکي زمين ۾ نائب مقرر ڪيو، تنهن ڪري ماڻهن جي وچ ۾ انصاف سان فيصلو ڪر ۽ (نفس جي) سڌ جي تابعداري نه ڪر جو (اها) توکي الله جي واٽ کان ڀلائيندي- بيشڪ جيڪي الله جي واٽ کان ڀلن ٿا، تن لاءِ اُنهيءَ سببان سخت عذاب آهي، جو حساب جي ڏينهن کي وساريائون (٢٦). ۽ آسمان ۽ زمين کي ۽ جيڪي اُنهن جي وچ ۾ آهي، سو اجايو نه بڻايوسون. اِهو ڪافرن جو گمان آهي، تنهن ڪري ڪافرن لاءِ باهه (جي عذاب) جي خرابي آهي (٢٧).

اَمْ نَجْعَلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ كَالْمُفْسِدِيْنَ فِى الْاَرْضِ ز
اَمْ نَجْعَلُ الْمُتَّقِيْنَ كَالْفُجَّارِ ﴿۲۸﴾ كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ اِلَيْكَ مُبٰرَكٌ
لِّيَدَّبَّرُوْٓا اٰيٰتِهٖ وَلِيَتَذَكَّرَ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿۲۹﴾ وَوَهَبْنَا لِدَاوٗدَ سُلَيْمٰنَ ط
نِعْمَ الْعَبْدُ ط اِنَّهٗٓ اَوَّابٌ ﴿۳۰﴾ ط اِذْ عُرِضَ عَلَيْهِ بِالْعَشِيِّ الصّٰفِنٰتُ
الْجِيَادُ ﴿۳۱﴾ لا فَقَالَ اِنِّىْٓ اَحْبَبْتُ حُبَّ الْخَيْرِ عَنْ ذِكْرِ رَبِّىْ ج حَتّٰى
تَوَارَتْ بِالْحِجَابِ ﴿۳۲﴾ قف رُدُّوْهَا عَلَىَّ ط فَطَفِقَ مَسْحًام بِالسُّوْقِ وَ
الْاَعْنَاقِ ﴿۳۳﴾ وَلَقَدْ فَتَنَّا سُلَيْمٰنَ وَاَلْقَيْنَا عَلٰى كُرْسِيِّهٖ جَسَدًا ثُمَّ
اَنَابَ ﴿۳۴﴾ قَالَ رَبِّ اغْفِرْ لِىْ وَهَبْ لِىْ مُلْكًا لَّا يَنْۢبَغِىْ لِاَحَدٍ مِّنْۢ
بَعْدِىْ ج اِنَّكَ اَنْتَ الْوَهَّابُ ﴿۳۵﴾ فَسَخَّرْنَا لَهُ الرِّيْحَ تَجْرِىْ بِاَمْرِهٖ
رُخَآءً حَيْثُ اَصَابَ ﴿۳۶﴾ لا وَالشَّيٰطِيْنَ كُلَّ بَنَّآءٍ وَّغَوَّاصٍ ﴿۳۷﴾ لا وَّاٰخَرِيْنَ
مُقَرَّنِيْنَ فِى الْاَصْفَادِ ﴿۳۸﴾ هٰذَا عَطَآؤُنَا فَامْنُنْ اَوْ اَمْسِكْ بِغَيْرِ
حِسَابٍ ﴿۳۹﴾ وَاِنَّ لَهٗ عِنْدَنَا لَزُلْفٰى وَحُسْنَ مَاٰبٍ ﴿۴۰﴾ ع وَاذْكُرْ عَبْدَنَآ
اَيُّوْبَ اِذْ نَادٰى رَبَّهٗٓ اَنِّىْ مَسَّنِىَ الشَّيْطٰنُ بِنُصْبٍ وَّعَذَابٍ ﴿۴۱﴾ ط
اُرْكُضْ بِرِجْلِكَ ج هٰذَا مُغْتَسَلٌۢ بَارِدٌ وَّشَرَابٌ ﴿۴۲﴾ وَوَهَبْنَا لَهٗٓ
اَهْلَهٗ وَمِثْلَهُمْ مَّعَهُمْ رَحْمَةً مِّنَّا وَذِكْرٰى لِاُولِى الْاَلْبَابِ ﴿۴۳﴾

جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي زمين ۾ فساد وجهڻ وارن جي برابر ڪريون ٿا ڇا؟ يا پرهيزگارن کي بڇڙن وانگر ڪريون ٿا ڇا؟ (٢٨). هيءُ (قرآن) برڪت وارو ڪتاب آهي، جو ان کي تو ڏانهن نازل ڪيوسون ته (ماڻهو) ان جي آيتن ۾ ڌيان ڪن ۽ عقل وارا نصيحت وٺن (٢٩). ۽ داؤد کي سليمان (نالي پٽ) عطا ڪيوسون (سليمان) چڱو ٻانهو هو- بيشڪ اُهو (الله ڏانهن) ورڻ وارو هو (٣٠). (ياد ڪر) جڏهن پوياڙيءَ جو تکا گهوڙا وٽس پيش ڪيا ويا (٣١). پوءِ چيائين ته بيشڪ مون پنهنجي پالڻهار جي ياد ڪرڻ کان (يُلي هنن گهوڙن جي) مال جي پيار کي (وڌيڪ) دوست رکيو، تان جو (سج) اوٽ جي پٺيان لڪيو (۽ وچين نماز قضا ٿي) (٣٢). (چيائين ته هنن) گهوڙن کي مون وٽ موٽائي آڻيو، پوءِ (گهوڙن جي) ڄنگهن ۽ ڪنڌن تي (ڪهڻ لاءِ) هٿ لائڻ شروع ڪيائين (٣٣). ۽ بيشڪ سليمان کي پرکيوسون ۽ سندس تخت تي هڪ ڌڙ اُڇليوسون وري (الله ڏانهن) موٽيو (٣٤). چيائين ته اي منهنجا پالڻهار! مون کي بخش ۽ مون کي اهڙي بادشاهي عطا ڪر جو مون کان پوءِ ڪنهن کي ٻه نه جڳائي، بيشڪ تون ئي عطا ڪندڙ آهين (٣٥). پوءِ واءُ کي سندس تابع ڪيوسون، جتي پهچڻ گهرندو هو، (تتي) آرام سان سندس حڪم سان هلندي هئي (٣٦). ۽ ديون کي (سندس تابع ڪيوسون) جو هر هڪ عمارتون اڏيندڙ ۽ (درياءَ) ٻڏندڙ هو (٣٧). ۽ ٻيا (ديوَ) زنجيرن ۾ جڪڙيل (تابع) ڪيا سون (٣٨). (چيوسون ته) هيءُ اسان جو ڏيڻ آهي. پوءِ (ٻيل ڪنهن تي) احسان ڪر يا رکي ڇڏ (جيئن تو کي وڻي) ته (توتي) حساب نه آهي (٣٩). ۽ بيشڪ اُن لاءِ اسان وٽ مرتبو ۽ چڱو موٽڻ جو هنڌ آهي (٤٠). ۽ اسان جي ٻانهي ايوب کي ياد ڪر، جڏهن پنهنجي پالڻهار کي ٻاڏايائين ته مون کي شيطان تڪليف ۽ ايذاءُ پهچايو آهي (٤١). (تڏهن چيوسون ته زمين تي) پنهنجي لت هڻ، جو هيءُ (چشمو) وهنجڻ جو هنڌ ٿڌو ۽ پيئڻ لاءِ (منو) آهي (٤٢). ۽ کيس سندس گهر وارا ۽ ساڻن اوترا (ٻيا ٻه) عطا ڪيا سون (هيءَ) اسان جي طرف کان ٻاجهه ۽ ڌيان وارن لاءِ نصيحت آهي (٤٣).

وَخُذْ بِيَدِكَ ضِغْثًا فَاضْرِبْ بِّهٖ وَلَا تَحْنَثْ ؕ اِنَّا وَجَدْنٰهُ صَابِرًا ؕ
نِعْمَ الْعَبْدُ ؕ اِنَّهٗۤ اَوَّابٌ ﴿۴۴﴾ وَاذْكُرْ عِبٰدَنَاۤ اِبْرٰهِيْمَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ
اُولِى الْاَيْدِىْ وَالْاَبْصَارِ ﴿۴۵﴾ اِنَّاۤ اَخْلَصْنٰهُمْ بِخَالِصَةٍ ذِكْرَى الدَّارِ ﴿۴۶﴾ ۚ
وَاِنَّهُمْ عِنْدَنَا لَمِنَ الْمُصْطَفَيْنَ الْاَخْيَارِ ﴿۴۷﴾ ؕ وَاذْكُرْ اِسْمٰعِيْلَ وَ
الْيَسَعَ وَذَا الْكِفْلِ ؕ وَكُلٌّ مِّنَ الْاَخْيَارِ ﴿۴۸﴾ ؕ هٰذَا ذِكْرٌ ؕ وَاِنَّ
لِلْمُتَّقِيْنَ لَحُسْنَ مَاٰبٍ ﴿۴۹﴾ ۙ جَنّٰتِ عَدْنٍ مُّفَتَّحَةً لَّهُمُ الْاَبْوَابُ ﴿۵۰﴾ ۚ
مُتَّكِـِٕيْنَ فِيْهَا يَدْعُوْنَ فِيْهَا بِفَاكِهَةٍ كَثِيْرَةٍ وَّشَرَابٍ ﴿۵۱﴾
وَعِنْدَهُمْ قٰصِرٰتُ الطَّرْفِ اَتْرَابٌ ﴿۵۲﴾ هٰذَا مَا تُوْعَدُوْنَ لِيَوْمِ
الْحِسَابِ ﴿۵۳﴾ الثلثة اِنَّ هٰذَا لَرِزْقُنَا مَا لَهٗ مِنْ نَّفَادٍ ﴿۵۴﴾ ۚۖ هٰذَا ؕ وَاِنَّ
لِلطّٰغِيْنَ لَشَرَّ مَاٰبٍ ﴿۵۵﴾ ۙ جَهَنَّمَ ۚ يَصْلَوْنَهَا ۚ فَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿۵۶﴾ هٰذَا ۙ
فَلْيَذُوْقُوْهُ حَمِيْمٌ وَّغَسَّاقٌ ﴿۵۷﴾ ۙ وَّاٰخَرُ مِنْ شَكْلِهٖۤ اَزْوَاجٌ ﴿۵۸﴾ ؕ هٰذَا
فَوْجٌ مُّقْتَحِمٌ مَّعَكُمْ ۚ لَا مَرْحَبًا بِهِمْ ؕ اِنَّهُمْ صَالُوا النَّارِ ﴿۵۹﴾ قَالُوْا
بَلْ اَنْتُمْ ۚ لَا مَرْحَبًا بِكُمْ ؕ اَنْتُمْ قَدَّمْتُمُوْهُ لَنَا ۚ فَبِئْسَ الْقَرَارُ ﴿۶۰﴾
قَالُوْا رَبَّنَا مَنْ قَدَّمَ لَنَا هٰذَا فَزِدْهُ عَذَابًا ضِعْفًا فِى النَّارِ ﴿۶۱﴾
وَقَالُوْا مَا لَنَا لَا نَرٰى رِجَالًا كُنَّا نَعُدُّهُمْ مِّنَ الْاَشْرَارِ ﴿۶۲﴾ ؕ

۽ (چيوسون ته) پنهنجي هٿ ۾ ٻهارو وٺ پوءِ اُن سان (پنهنجيءَ زال کي) ڌڪ هڻ ۽ قسم نه ڀڃ، بيشڪ اسان کيس صابر لڌو (ايوب) چڱو ٻانهو هو، اُهو (الله ڏانهن) ورڻ وارو هو (۴۴). ۽ اسان جي ٻانهن ابراهيم ۽ اسحاق ۽ يعقوب کي ياد ڪر جي هٿن ۽ اکين وارا (يعني علم ۽ عمل وارا) هئا (۴۵). بيشڪ اسان کين هڪ پاڪ عادت لاءِ نرالو ڪيو جو آخرت جو ياد ڪرڻ آهي (۴٦). ۽ بيشڪ اُهي اسان وٽ چونڊيل ڀلارن مان هئا (۴۷). ۽ اسماعيل ۽ يسع ۽ ذوالڪفل کي ياد ڪر ۽ هرهڪ نيڪن مان هو (۴۸). هيءُ (قرآن) نصيحت آهي ۽ بيشڪ پرهيزگارن لاءِ چڱو موٽڻ جو هنڌ آهي (۴۹). (يعني) هميشه (رهڻ) جا باغ آهن، (جن جا) دروازا انهن لاءِ کليل آهن (۵۰). اُتي ٽيڪ ڏيندڙ هوندا، اُتي گهڻا ميوا ۽ شراب پيا گهرندا (۵۱). ۽ وٽن هيٺ نگاه ڪرڻ واريون ۽ عمر ۾ هڪ جيڏيون (زالون) هونديون (۵۲). هيءُ اُهو آهي جنهن جو حساب جي ڏينهن لاءِ انجام ڏنو وڃيوَ ٿو (۵۳). بيشڪ اِهو اسان جو رزق آهي، جنهن کي ڪا کوٽ نه هوندي (۵۴). اِهو (بدلو ڀلارن لاءِ) آهي ۽ بيشڪ حد کان لنگهندڙن لاءِ بڇڙو موٽڻ جو هنڌ آهي (۵۵). (جو) دوزخ آهي، اُن ۾ گهڙندا (۽) پوءِ (اُهو) بڇڙو وڇاڻو آهي (۵٦). هيءُ (عذاب) ڪوسو پاڻي آهي ۽ پونءِ آهي، پوءِ ڀلي ته اُهو چکن (۵۷). ۽ اهڙو قسمين قسمين ٻيو (عذاب) به آهي (۵۸). (ڏوهارين جي اڳواڻن کي چئبو ته) هي (ڪافر) هڪ ٽولي آهي جا (باه ۾) اوهان سان گڏ گهڙڻ واري آهي، (اڳواڻ چوندا ته) شال کين ڪا ويڪري جاءِ نه هجي! جو ته اُهي باه ۾ گهڙڻ وارا آهن (۵۹). (تابع) چوندا ته (نه!) بلڪ اوهان کي شال ڪا ويڪري جاءِ نه هجي! (جو) اوهان اسان لاءِ ڪفر کي پراڻي رسم ڪري ڇڏيو، پوءِ (دوزخ) بڇڙي جاءِ آهي (٦۰). چوندا ته اي اسان جا پالڻهار! جنهن اسان لاءِ هيءَ (ڪفر جي) پراڻي رسم ناهي هجي، تنهن جي حق ۾ دوزخ ۾ ٻيڻو عذاب زياده ڪر (٦۱). ۽ (دوزخي) چوندا ته اسان کي ڇا (ٿيو) آهي، جو (انهن مسلمانن مسڪينن) ماڻهن کي نه ٿا ڏسون، جن کي بڇڙن مان ڳڻيندا هئاسون؟ (٦۲).

اَتَّخَذْنٰهُمْ سِخْرِیًّا اَمْ زَاغَتْ عَنْهُمُ الْاَبْصَارُ ﴿۶۳﴾ اِنَّ ذٰلِكَ لَحَقٌّ
تَخَاصُمُ اَهْلِ النَّارِ ﴿۶۴﴾ قُلْ اِنَّمَاۤ اَنَا مُنْذِرٌ ۖۗ وَّمَا مِنْ اِلٰهٍ اِلَّا اللّٰهُ
الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ ﴿۶۵﴾ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَیْنَهُمَا الْعَزِیْزُ
الْغَفَّارُ ﴿۶۶﴾ قُلْ هُوَ نَبَؤٌا عَظِیْمٌ ﴿۶۷﴾ اَنْتُمْ عَنْهُ مُعْرِضُوْنَ ﴿۶۸﴾ مَا
كَانَ لِیَ مِنْ عِلْمٍۢ بِالْمَلَاِ الْاَعْلٰۤى اِذْ یَخْتَصِمُوْنَ ﴿۶۹﴾ اِنْ یُّوْحٰۤى
اِلَیَّ اِلَّاۤ اَنَّمَاۤ اَنَا نَذِیْرٌ مُّبِیْنٌ ﴿۷۰﴾ اِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اِنِّیْ
خَالِقٌۢ بَشَرًا مِّنْ طِیْنٍ ﴿۷۱﴾ فَاِذَا سَوَّیْتُهٗ وَنَفَخْتُ فِیْهِ مِنْ رُّوْحِیْ
فَقَعُوْا لَهٗ سٰجِدِیْنَ ﴿۷۲﴾ فَسَجَدَ الْمَلٰٓئِكَةُ كُلُّهُمْ اَجْمَعُوْنَ ﴿۷۳﴾ اِلَّاۤ
اِبْلِیْسَ ؕ اِسْتَكْبَرَ وَكَانَ مِنَ الْكٰفِرِیْنَ ﴿۷۴﴾ قَالَ یٰۤاِبْلِیْسُ مَا مَنَعَكَ
اَنْ تَسْجُدَ لِمَا خَلَقْتُ بِیَدَیَّ ؕ اَسْتَكْبَرْتَ اَمْ كُنْتَ مِنَ
الْعَالِیْنَ ﴿۷۵﴾ قَالَ اَنَا خَیْرٌ مِّنْهُ ؕ خَلَقْتَنِیْ مِنْ نَّارٍ وَّخَلَقْتَهٗ
مِنْ طِیْنٍ ﴿۷۶﴾ قَالَ فَاخْرُجْ مِنْهَا فَاِنَّكَ رَجِیْمٌ ﴿۷۷﴾ ۖۚ وَّاِنَّ عَلَیْكَ
لَعْنَتِیْۤ اِلٰى یَوْمِ الدِّیْنِ ﴿۷۸﴾ قَالَ رَبِّ فَاَنْظِرْنِیْۤ اِلٰى یَوْمِ
یُبْعَثُوْنَ ﴿۷۹﴾ قَالَ فَاِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِیْنَ ﴿۸۰﴾ اِلٰى یَوْمِ
الْوَقْتِ الْمَعْلُوْمِ ﴿۸۱﴾ قَالَ فَبِعِزَّتِكَ لَاُغْوِیَنَّهُمْ اَجْمَعِیْنَ ﴿۸۲﴾

(ناحق) ساڻن ٺٺوليون ڪندا هئاسون ڇا يا ڪانئن (اسانجون) اکيون ترڪيون آهن؟ (٦٣). بيشڪ دوزخين جو پاڻ ۾ جهيڙو ڪرڻ اها (هڪ) سچي (ڳالهہ) آهي (٦٤). (ڪين) چؤ تہ، آءٌ رڳو ڊيڄاريندڙ آهيان ۽ (رڳو) اڪيلي زبردست الله کان سواءِ (ٻيو) ڪوبہ عبادت جو لائق نہ آهي (٦٥). آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪي انهن (ٻنهي) جي وچ ۾ آهي، تنهن جو پالڻهار غالب بخشڻهار آهي (٦٦). (ڪين) چؤ تہ اهو (قرآن) هڪ وڏي خبر آهي (٦٧). اوهين ڪانئس منهن موڙيندڙ آهيو (٦٨). مون کي (انهي جماعت) وڏي مرتبي وارن ملائڪن (جي حال) جي ڪابہ خبر نہ آهي، جڏهن (اُهي) پاڻ ۾ سوال جواب ڪندا آهن (٦٩). مون ڏانهن هيءُ ئي وحي ٿيندو آهي تہ آءٌ رڳو پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان (٧٠). (ياد ڪر) جڏهن تنهنجي پالڻهار ملائڪن کي چيو تہ، بيشڪ آءٌ ڳاري مان هڪ ماڻهو بڻائڻ وارو آهيان (٧١). پوءِ جڏهن کيس پورو ٺاهي وٺان ۽ منجهس پنهنجو روح ڦوڪيان، تڏهن کيس سجدو ڪندڙ ٿي ڪري پئجو (٧٢). پوءِ ملائڪن مڙني ڳڏجي سجدو ڪيو (٧٣). مگر ابليس (سجدو نہ ڪيو)- هن وڏائي ڪئي ۽ ڪافرن مان ٿيو (٧٤). (الله) چيو تہ، اي ابليس جنهن کي پنهنجن ٻنهي هٿن سان پيدا ڪيم، تنهن کي سجدي ڪرڻ کان توکي ڪهڙيءَ ڳالهہ جهليو؟ تو وڏائي ڪئي ڇا يا تون (حقيقت ۾) وڏي مرتبي وارن مان آهين؟ (٧٥). ابليس چيو تہ آءٌ اُن کان ڀلو آهيان، (جو) مون کي باهہ مان بڻائيئي ۽ اُن کي مٽيءَ مان بڻايُئي (٧٦). الله چيو تہ، (بس هيئنر ئي) اُن مان نڪر جو بيشڪ تون تڙيل آهين (٧٧). ۽ بيشڪ توتي جزا جي ڏينهن تائين منهنجي لعنت آهي (٧٨). اُن چيو تہ، اي منهنجا پالڻهار! تڏهن انهيءَ ڏينهن تائين مون کي مهلت ڏي، (جنهن ڏينهن سڀ ماڻهو قبرن مان) اُٿاريا وڃن (٧٩). الله فرمايو تہ، (چڱو) بيشڪ تون مهلت ڏنلن مان آهين (٨٠). اُنهيءَ ٺهرايل وقت جي ڏينهن تائين (٨١). (ابليس) چيو تہ، تڏهن تنهنجي عزت جو قسم آهي تہ ضرور اُنهن مڙني کي گمراهہ ڪندس (٨٢).

إِلَّا عِبَادَكَ مِنْهُمُ الْمُخْلَصِينَ ﴿۸۳﴾ قَالَ فَالْحَقُّ وَالْحَقَّ أَقُولُ ﴿۸۴﴾
لَأَمْلَأَنَّ جَهَنَّمَ مِنْكَ وَمِمَّنْ تَبِعَكَ مِنْهُمْ أَجْمَعِينَ ﴿۸۵﴾ قُلْ
مَا أَسْأَلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ أَجْرٍ وَمَا أَنَا مِنَ الْمُتَكَلِّفِينَ ﴿۸۶﴾ إِنْ
هُوَ إِلَّا ذِكْرٌ لِلْعَالَمِينَ ﴿۸۷﴾ وَلَتَعْلَمُنَّ نَبَأَهُ بَعْدَ حِينٍ ﴿۸۸﴾

## سُورَةُ الزُّمَرِ

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ ○
تَنْزِيلُ الْكِتَابِ مِنَ اللَّهِ الْعَزِيزِ الْحَكِيمِ ﴿۱﴾ إِنَّا أَنْزَلْنَا إِلَيْكَ
الْكِتَابَ بِالْحَقِّ فَاعْبُدِ اللَّهَ مُخْلِصًا لَهُ الدِّينَ ﴿۲﴾ أَلَا لِلَّهِ الدِّينُ
الْخَالِصُ ۚ وَالَّذِينَ اتَّخَذُوا مِنْ دُونِهِ أَوْلِيَاءَ مَا نَعْبُدُهُمْ
إِلَّا لِيُقَرِّبُونَا إِلَى اللَّهِ زُلْفَىٰ إِنَّ اللَّهَ يَحْكُمُ بَيْنَهُمْ فِي مَا هُمْ فِيهِ
يَخْتَلِفُونَ ۗ إِنَّ اللَّهَ لَا يَهْدِي مَنْ هُوَ كَاذِبٌ كَفَّارٌ ﴿۳﴾ لَوْ أَرَادَ
اللَّهُ أَنْ يَتَّخِذَ وَلَدًا لَاصْطَفَىٰ مِمَّا يَخْلُقُ مَا يَشَاءُ ۚ سُبْحَانَهُ ۖ
هُوَ اللَّهُ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ ﴿۴﴾ خَلَقَ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضَ بِالْحَقِّ ۖ
يُكَوِّرُ اللَّيْلَ عَلَى النَّهَارِ وَيُكَوِّرُ النَّهَارَ عَلَى اللَّيْلِ ۖ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ
وَالْقَمَرَ ۖ كُلٌّ يَجْرِي لِأَجَلٍ مُسَمًّى ۗ أَلَا هُوَ الْعَزِيزُ الْغَفَّارُ ﴿۵﴾

منجهانئن تنهنجن خالص ٻانهن کان سواءِ (جو انهن تي وس نہ هلندو) (٨٣). الله فرمايو تہ (اها ڳالھ) سچ آهي ۽ (آءٌ) سچ چوان ٿو (٨٤). تہ تو سان ۽ منجهانئن جيڪي تنهنجي پيروي ڪندا تن مڙني سان دوزخ کي ضرور ڀريندس (٨٥). (اي پيغمبر ڪين) چؤ تہ آءٌ اوهان کان قرآن (پهچائڻ) بابت ڪو اجورو نہ ٿو گهران ۽ نڪي آءٌ (ڪوڙ) ناهڻ وارن مان آهيان (٨٦). هي (قرآن) تہ جهانن لاءِ نصيحت آهي (٨٧). ۽ ڪنهن وقت کان پوءِ ان (جي سچائي) جي خبر ضرور اوهين ڄاڻندؤ (٨٨).

**سورة زمر مڪي آهي ۽ هن ۾ پنجهتر آيتون ۽ اٺ رڪوع آهن.**

**الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)**

(هن) ڪتاب جو نازل ڪرڻ غالب حڪمت واري الله (جي طرف) کان آهي (١). بيشڪ اسان تو ڏانهن سچ سان ڪتاب نازل ڪيو تہ الله لاءِ (پنهنجيءَ) عبادت کي خالص ڪري خاص ان جي عبادت ڪر (٢). خبردار ٿيءُ! خالص عبادت الله ئي جي لاءِ آهي ۽ جن الله کان سواءِ ٻيا دوست ڪري ورتا (سي چوندا آهن تہ) انهن کي رڳو هن لاءِ پوڄيندا آهيون تہ اسان کي الله ڏانهن مرتبي ۾ ويجهو ڪن. جنهن (ڳالھ) بابت اُهي جهيڙو ڪندا آهن تنهن بابت بيشڪ اُنهن جي وچ ۾ الله فيصلو ڪندو بيشڪ الله اُنهيءَ کي سڌو رستو نہ ڏيکاريندو آهي جيڪو ڪوڙو (۽) بي شڪر آهي (٣). جيڪڏهن الله (پاڻ لاءِ) اولاد وٺڻ گهري ها تہ جيڪي (ڪجھ) بڻايو اٿس تنهن مان جيڪو وٽيس ها سو چوندي ها (پر) ان جي ذات پاڪ آهي اهو تہ الله اڪيلو (۽) زبردست آهي (٤). آسمانن ۽ زمين کي (پوريءَ) رٿ سان بڻايائين رات کي ڏينهن تي ليٽيندو آهي ۽ ڏينهن کي رات تي ليٽيندو آهي ۽ سج ۽ چنڊ کي تابع ڪيائين هر هڪ ٺهرايل مدت تي هلندو آهي. خبردار! اُهو (ئي) غالب بخشڻهار آهي (٥).

خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ ثُمَّ جَعَلَ مِنْهَا زَوْجَهَا وَاَنْزَلَ لَكُمْ
مِّنَ الْاَنْعَامِ ثَمٰنِيَةَ اَزْوَاجٍ ؕ يَخْلُقُكُمْ فِيْ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ خَلْقًا مِّنْۢ
بَعْدِ خَلْقٍ فِيْ ظُلُمٰتٍ ثَلٰثٍ ؕ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ لَهُ الْمُلْكُ ؕ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا
هُوَ ۚ فَاَنّٰى تُصْرَفُوْنَ ﴿۶﴾ اِنْ تَكْفُرُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ عَنْكُمْ ۟ وَلَا
يَرْضٰى لِعِبَادِهِ الْكُفْرَ ۚ وَاِنْ تَشْكُرُوْا يَرْضَهُ لَكُمْ ؕ وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ
وِّزْرَ اُخْرٰى ؕ ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ مَّرْجِعُكُمْ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ؕ اِنَّهٗ
عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿۷﴾ وَاِذَا مَسَّ الْاِنْسَانَ ضُرٌّ دَعَا رَبَّهٗ
مُنِيْبًا اِلَيْهِ ثُمَّ اِذَا خَوَّلَهٗ نِعْمَةً مِّنْهُ نَسِيَ مَا كَانَ يَدْعُوْۤا اِلَيْهِ
مِنْ قَبْلُ وَجَعَلَ لِلّٰهِ اَنْدَادًا لِّيُضِلَّ عَنْ سَبِيْلِهٖ ؕ قُلْ تَمَتَّعْ
بِكُفْرِكَ قَلِيْلًا ۖۗ اِنَّكَ مِنْ اَصْحٰبِ النَّارِ ﴿۸﴾ اَمَّنْ هُوَ قَانِتٌ
اٰنَآءَ الَّيْلِ سَاجِدًا وَّقَآئِمًا يَّحْذَرُ الْاٰخِرَةَ وَيَرْجُوْا رَحْمَةَ رَبِّهٖ ؕ
قُلْ هَلْ يَسْتَوِي الَّذِيْنَ يَعْلَمُوْنَ وَالَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ؕ اِنَّمَا
يَتَذَكَّرُ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿۹﴾ قُلْ يٰعِبَادِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوْا
رَبَّكُمْ ؕ لِلَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا حَسَنَةٌ ؕ وَاَرْضُ اللّٰهِ
وَاسِعَةٌ ؕ اِنَّمَا يُوَفَّى الصّٰبِرُوْنَ اَجْرَهُمْ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿۱۰﴾

اوهان کي هڪ جيءَ مان بڻايائين، وري منجهانئس سندس زال کي پيدا ڪيائين ۽ ڍورن مان اَٺ قسم اوهان لاءِ لاٿائين. اوهان کي اوهان جي مائن جي پيٽن ۾ هڪ (قسم جي) بڻاوت کان پوءِ ٻئي (قسم جي) بڻاوت، ٽن انڌاهين ۾ پيدا ڪندو آهي، اهو الله اوهان جو پالڻهار آهي، ان جي ئي (ساري) بادشاهي آهي. ان کان سواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جو لائق نه آهي، پوءِ ڪيڏانهن ڦيرايا ويندا آهيو (٦). جيڪڏهن بيشڪري ڪندؤ ته بيشڪ الله اوهان کان بي پرواه آهي ۽ پنهنجن ٻانهن جي بيشڪريءَ کي پسند نه ڪندو آهي، ۽ جيڪڏهن شڪر ڪندؤ ته اوهان لاءِ ان کي پسندو ڪندو ۽ ڪو بار کڻندڙ ٻئي جو بار نه کڻندو، وري اوهان جو موٽڻ پنهنجي پالڻهار ڏانهن آهي، پوءِ جيڪي ڪندا هيؤ، تنهن جي اوهان کي سڌ ڏيندو- بيشڪ، اُهو سينن وارو (ڳجهه) ڄاڻندڙ آهي (٧). ۽ جڏهن ماڻهوءَ کي ڪو ڏک پهچندو آهي (تڏهن) پنهنجي پالڻهار کي ڏانهنس ورندڙ ٿي سڏيندو آهي، وري جڏهن پاڻ وٽان ڪيس ڪا نعمت بخشيندو آهي، (تڏهن) جنهن (مطلب) لاءِ اڳ سڏيندو هو، تنهن کي وساريندو آهي ۽ الله لاءِ شريڪ مقرر ڪندو آهي، ته سندس واٽ کان (ماڻهن کي) ڀلائي (اي پيغمبر!) چؤ ته (اي ڪافر) پنهنجي ڪفر (جي حالت) ۾ ٿورو (وقت) نفعو وٺ بيشڪ تون دوزخين مان آهين (٨). ڀلا جيڪو رات جي وقتن ۾ سجدو ڪندڙ ۽ بيهي عبادت ڪندڙ آهي، آخرت (جي عذاب) کان ڊڄندو آهي ۽ پنهنجي پالڻهار جي ٻاجه جي اميد رکندو آهي (سو ڀلو آهي يا اُهو بي شڪر مشرڪ؟)- (اي پيغمبر) چؤ ته، سمجهه وارا ۽ بي سمجهه (پاڻ ۾) برابر ٿيندا ڇا؟ ڏيان وارائي نصيحت وٺندا آهن (٩). چؤ ته، اي منهنجا مومن ٻانهؤ پنهنجي پالڻهار کان ڊڄو، جن هن دنيا ۾ چڱائي ڪئي، تن ئي لاءِ (آخرت ۾) چڱائي آهي ۽ الله جو ملڪ ويڪرو آهي، رڳو صابرن کي سندن بدلو اَڻ ڪٿ ڏبو (١٠).

قُلْ اِنِّیْۤ اُمِرْتُ اَنْ اَعْبُدَ اللّٰهَ مُخْلِصًا لَّهُ الدِّیْنَ ﴿۱۱﴾ وَ اُمِرْتُ لِاَنْ
اَكُوْنَ اَوَّلَ الْمُسْلِمِیْنَ ﴿۱۲﴾ قُلْ اِنِّیْۤ اَخَافُ اِنْ عَصَیْتُ رَبِّیْ عَذَابَ
یَوْمٍ عَظِیْمٍ ﴿۱۳﴾ قُلِ اللّٰهَ اَعْبُدُ مُخْلِصًا لَّهٗ دِیْنِیْ ﴿۱۴﴾ فَاعْبُدُوْا مَا
شِئْتُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ ؕ قُلْ اِنَّ الْخٰسِرِیْنَ الَّذِیْنَ خَسِرُوْۤا اَنْفُسَهُمْ وَ
اَهْلِیْهِمْ یَوْمَ الْقِیٰمَةِ ؕ اَلَا ذٰلِكَ هُوَ الْخُسْرَانُ الْمُبِیْنُ ﴿۱۵﴾ لَهُمْ مِّنْ
فَوْقِهِمْ ظُلَلٌ مِّنَ النَّارِ وَ مِنْ تَحْتِهِمْ ظُلَلٌ ؕ ذٰلِكَ یُخَوِّفُ اللّٰهُ بِهٖ
عِبَادَهٗ ؕ یٰعِبَادِ فَاتَّقُوْنِ ﴿۱۶﴾ وَ الَّذِیْنَ اجْتَنَبُوا الطَّاغُوْتَ اَنْ
یَّعْبُدُوْهَا وَ اَنَابُوْۤا اِلَى اللّٰهِ لَهُمُ الْبُشْرٰی ۚ فَبَشِّرْ عِبَادِ ﴿۱۷﴾ الَّذِیْنَ
یَسْتَمِعُوْنَ الْقَوْلَ فَیَتَّبِعُوْنَ اَحْسَنَهٗ ؕ اُولٰٓىِٕكَ الَّذِیْنَ هَدٰىهُمُ اللّٰهُ
وَ اُولٰٓىِٕكَ هُمْ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿۱۸﴾ اَفَمَنْ حَقَّ عَلَیْهِ كَلِمَةُ الْعَذَابِ ؕ
اَفَاَنْتَ تُنْقِذُ مَنْ فِی النَّارِ ﴿۱۹﴾ لٰكِنِ الَّذِیْنَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ لَهُمْ غُرَفٌ مِّنْ
فَوْقِهَا غُرَفٌ مَّبْنِیَّةٌ ۙ تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ وَعْدَ اللّٰهِ ؕ لَا یُخْلِفُ
اللّٰهُ الْمِیْعَادَ ﴿۲۰﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَسَلَكَهٗ یَنَابِیْعَ
فِی الْاَرْضِ ثُمَّ یُخْرِجُ بِهٖ زَرْعًا مُّخْتَلِفًا اَلْوَانُهٗ ثُمَّ یَهِیْجُ فَتَرٰىهُ مُصْفَرًّا
ثُمَّ یَجْعَلُهٗ حُطَامًا ؕ اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَذِكْرٰی لِاُولِی الْاَلْبَابِ ﴿۲۱﴾ ع

(اي پيغمبر ڪين) چؤ تہ بيشڪ مون کي حڪم ٿيو آهي تہ الله لاءِ (پنهنجي) عبادت خالص ڪري رکو ان جي عبادت ڪريان (١١). ۽ مون کي حڪم ٿيو آهي تہ (سڀ کان) پهريون حڪم مڃيندڙ (آءٌ ئي) هجان (١٢). چؤ تہ جيڪڏهن آءٌ پنهنجي پالڻهار جي نافرماني ڪريان تہ بيشڪ آءٌ وڏي ڏينهن جي عذاب کان ڊڄان ٿو (١٣). چؤ تہ پنهنجي عبادت الله لاءِ خالص ڪري فقط ان جي عبادت ڪريان ٿو (١۴). پوءِ الله کان سواءِ جنهن کي (اوهين) گهرو تنهن کي پوڄيو (ڪين) چؤ تہ بيشڪ ٽوٽي وارا اُهي آهن (جن گمراهہ ٿيڻ سبب) پاڻ کي ۽ پنهنجن گهروارن کي قيامت جي ڏينهن خساري ۾ وڌو. خبردار اِهو ئي پڌرو نقصان آهي (١۵). سندن مٿان باهہ جون ڇتيون ۽ سندن هيٺان بہ (اهڙا) ڇاٽا هوندا، اهو (عذاب) آهي، جنهن کان الله پنهنجن ٻانهن کي ڊيڄاري ٿو، تنهن ڪري اي منهنجا ٻانهؤ! مون کان ڊڄو (١٦). ۽ جن (ماڻهن) ٻتن جي پوڄا ڪرڻ کان پاسو ڪيو ۽ الله ڏانهن وريا تن لاءِ خوشخبري آهي، پوءِ (اي پيغمبر!) منهنجن انهن ٻانهن کي خوشخبري ڏي (١٧). جيڪي ڳالهہ ٻڌندا آهن، پوءِ اُن مان تمام چڱيءَ تي هلندا آهن. اِهي (اُهي) آهن جن کي الله هدايت ڪئي آهي ۽ اهي ئي عقل وارا آهن (١٨). ڀلا جنهن تي عذاب جو حڪم ثابت ٿيو (سو بچي سگهندو ڇا؟) تون باهہ ۾ پيل کي ڇڏائي سگهندين ڇا؟ (١٩). پر جيڪي پنهنجي پالڻهار کان ڊنا تن لاءِ وڏيون ماڙيون آهن، انهن جي مٿان (ٻيون) ماڙيون اڏيليون آهن، اُنهن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن (الله (اهو) انجام ڪيو آهي. الله انجام نہ ڦيرائيندو آهي (٢٠). نہ ڏٺو اٿيئي ڇا؟ تہ الله آسمان کان پاڻي وسايو، پوءِ اُن کي زمين جي چشمن ۾ وهايائين، وري ان سان قسمين قسمين رنگ جي پوک ڄمائيندو آهي، وري سڪي ويندي آهي، پوءِ ان کي زردو ٿيل ڏسندو آهين، وري ان کي ذرا ذرا ڪندو آهي. بيشڪ اِن ۾ عقل وارن لاءِ نصيحت آهي (٢١).

اَفَمَنْ شَرَحَ اللّٰهُ صَدْرَهٗ لِلْاِسْلَامِ فَهُوَ عَلٰى نُوْرٍ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ فَوَيْلٌ
لِّلْقٰسِيَةِ قُلُوْبُهُمْ مِّنْ ذِكْرِ اللّٰهِ ؕ اُولٰٓئِكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿۲۲﴾ اَللّٰهُ
نَزَّلَ اَحْسَنَ الْحَدِيْثِ كِتٰبًا مُّتَشَابِهًا مَّثَانِيَ تَقْشَعِرُّ مِنْهُ جُلُوْدُ
الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ ۚ ثُمَّ تَلِيْنُ جُلُوْدُهُمْ وَقُلُوْبُهُمْ اِلٰى ذِكْرِ
اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ هُدَى اللّٰهِ يَهْدِيْ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ
فَمَا لَهٗ مِنْ هَادٍ ﴿۲۳﴾ اَفَمَنْ يَّتَّقِيْ بِوَجْهِهٖ سُوْٓءَ الْعَذَابِ يَوْمَ
الْقِيٰمَةِ ؕ وَقِيْلَ لِلظّٰلِمِيْنَ ذُوْقُوْا مَا كُنْتُمْ تَكْسِبُوْنَ ﴿۲۴﴾ كَذَّبَ
الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَاَتٰىهُمُ الْعَذَابُ مِنْ حَيْثُ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿۲۵﴾
فَاَذَاقَهُمُ اللّٰهُ الْخِزْيَ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ
اَكْبَرُ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿۲۶﴾ وَلَقَدْ ضَرَبْنَا لِلنَّاسِ فِيْ هٰذَا
الْقُرْاٰنِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ لَّعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿۲۷﴾ قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا غَيْرَ
ذِيْ عِوَجٍ لَّعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿۲۸﴾ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا رَّجُلًا فِيْهِ
شُرَكَآءُ مُتَشٰكِسُوْنَ وَرَجُلًا سَلَمًا لِّرَجُلٍ ؕ هَلْ يَسْتَوِيٰنِ مَثَلًا ؕ
اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ ۚ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۲۹﴾ اِنَّكَ مَيِّتٌ وَّاِنَّهُمْ
مَّيِّتُوْنَ ﴿۳۰﴾ ثُمَّ اِنَّكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ عِنْدَ رَبِّكُمْ تَخْتَصِمُوْنَ ﴿۳۱﴾

ڀلا جنهن جو سينو (دين) اسلام لاءِ الله کوليو آهي ۽ اُهو پنهنجي پالڻهار جي نور (جي سوجهري) تي هجي (سو سخت دل وارن ڪافرن جهڙو ٿيندو ڇا؟) پوءِ انهن لاءِ ويل آهي، جن جيون دليون الله جي ياد ڪرڻ کان سخت (ٿيون) آهن، اهي پڌريءَ گمراهيءَ ۾ آهن (٢٢). الله تمام چڱي ڳالهه (يعني) اهڙو ڪتاب نازل ڪيو جو هڪ ٻئي جهڙا، (سندس مضمون) دهرايل آهن، ان (جي ٻڌڻ) کان انهن (ماڻهن) جون کلون ڪانداربيون آهن، جيڪي پنهنجي پالڻهار کان ڊڄندا آهن، وري سندين کلون ۽ سندين دليون الله جي ياد ڪرڻ تي ڪنئريون ٿينديون آهن. اها الله جي هدايت آهي جنهن کي گهري (تنهن کي) اُن سان واٽ ڏيکاري ٿو ۽ جنهن کي الله گمراهه ڪري، تنهن کي ڪو هدايت ڪندڙ ڪونهي (٢٣). ڀلا جيڪو قيامت جي ڏينهن پنهنجي منهن سان بڇڙي عذاب کي روڪي ٿو (سو ڇٽل جي برابر ٿيندو ڇا؟) ۽ ظالمن کي چئبو ته جيڪي ڪندا هيؤ (تنهن جي سزا) چکو (٢٤). جيڪي کانئن اڳ هئا تن به ڪوڙ ڀانيو (هو) پوءِ وٽن اُتان عذاب پهتو، جتان ڄاڻندائي نه هئا (٢٥). پوءِ الله کين دنيا جي حياتيءَ ۾ خواري چکائي ۽ بيشڪ، آخرت جو عذاب (ته) تمام وڏو آهي، جيڪڏهن (اِها ڳالهه) ڄاڻن ها (ته پاڻ کي عذاب کان بچائين ها) (٢٦). ۽ بيشڪ، ماڻهن لاءِ هن قرآن ۾ هر قسم جا مثال بيان ڪياسون، ته مَنَ اُهي نصيحت وٺن (٢٧). قرآن عربي (ٻوليءَ ۾) بي عيب (نازل ڪيوسون) ته مَنَ اُهي ڊڄن (٢٨). الله مثال بيان ٿو ڪري ته هڪ ٻانهو جنهن ۾ (گهڻا) بد مزاج (مالڪ) ڀائيوار آهن ۽ (ٻيو) ٻانهو خلاصو هڪڙي مڙس جي ملڪيت آهي، مثال ۾ اِهي ٻئي (ٻانها) برابر ٿيندا ڇا؟ سڀ ساراه الله ئي کي جڳائي، پر انهن مان گهڻا نه ڄاڻندا آهن (٢٩). (اي پيغمبر!) بيشڪ، تون (به) مرندين ۽ بيشڪ اُهي (به) مرندا (٣٠) وري بيشڪ، اوهين قيامت جي ڏينهن پنهنجي پالڻهار وٽ پاڻ ۾ جهڳڙو ڪندؤ (٣١).

فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ كَذَبَ عَلَى اللّٰهِ وَكَذَّبَ بِالصِّدْقِ
اِذْ جَآءَهٗ ؕ اَلَيْسَ فِىْ جَهَنَّمَ مَثْوًى لِّلْكٰفِرِيْنَ ﴿۳۲﴾ وَالَّذِىْ جَآءَ
بِالصِّدْقِ وَصَدَّقَ بِهٖۤ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُتَّقُوْنَ ﴿۳۳﴾ لَهُمْ مَّا
يَشَآءُوْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ ؕ ذٰلِكَ جَزٰٓؤُا الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۳۴﴾ ۚۖ لِيُكَفِّرَ اللّٰهُ
عَنْهُمْ اَسْوَاَ الَّذِىْ عَمِلُوْا وَيَجْزِيَهُمْ اَجْرَهُمْ بِاَحْسَنِ
الَّذِىْ كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۳۵﴾ اَلَيْسَ اللّٰهُ بِكَافٍ عَبْدَهٗ ؕ وَيُخَوِّفُوْنَكَ
بِالَّذِيْنَ مِنْ دُوْنِهٖ ؕ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ هَادٍ ﴿۳۶﴾ ۚ
وَمَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ مُّضِلٍّ ؕ اَلَيْسَ اللّٰهُ بِعَزِيْزٍ
ذِى انْتِقَامٍ ﴿۳۷﴾ وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ
وَالْاَرْضَ لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ ؕ قُلْ اَفَرَءَيْتُمْ مَّا تَدْعُوْنَ
مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ اَرَادَنِىَ اللّٰهُ بِضُرٍّ هَلْ هُنَّ كٰشِفٰتُ
ضُرِّهٖۤ اَوْ اَرَادَنِىْ بِرَحْمَةٍ هَلْ هُنَّ مُمْسِكٰتُ رَحْمَتِهٖ ؕ قُلْ
حَسْبِىَ اللّٰهُ ؕ عَلَيْهِ يَتَوَكَّلُ الْمُتَوَكِّلُوْنَ ﴿۳۸﴾ قُلْ يٰقَوْمِ
اعْمَلُوْا عَلٰى مَكَانَتِكُمْ اِنِّىْ عَامِلٌ ۚ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ﴿۳۹﴾ ۙ
مَنْ يَّاْتِيْهِ عَذَابٌ يُّخْزِيْهِ وَيَحِلُّ عَلَيْهِ عَذَابٌ مُّقِيْمٌ ﴿۴۰﴾

پوءِ اُن کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي، جنهن الله تي ڪوڙ ٺاهيو ۽ جڏهن سچو دين وٽس آيو (تڏهن) ان کي ڪوڙ ڄاتائين؟ ڪافرن جي جاءِ دوزخ ۾ نہ آهي ڇا؟ (٣٢). ۽ جنهن سچو دين آندو ۽ (جنهن) ڪيس سچو ڄاتو، اِهي ئي پرهيزگار آهن (٣٣). جيڪي گهرندا سو انهن لاءِ سندن پالڻهار وٽ آهي، ڀلارن جو بدلو اهو آهي (٣۴). تہ جيڪي بڇڙا ڪم ڪيائون سي الله ڪائن ميٽي ۽ جيڪي چڱا ڪم ڪندا هئا تن بابت سندن (چڱو) اجورو کين بدلي ۾ ڏئي (٣٥). الله پنهنجي ٻانهي (محمدﷺ) کي ڪافي نہ آهي ڇا؟ ۽ الله کان سواءِ جيڪي (ٻيا) آهن، تن کان توکي ڊيڄاريندا آهن ۽ جنهن کي الله ڀلائي تنهن کي ڪو هدايت ڪرڻ وارو نہ آهي (٣٦). ۽ جنهن کي الله هدايت ڪري تنهن کي ڪو ڀلائڻ وارو نہ آهي، الله غالب بدلي وٺڻ وارو نہ آهي ڇا؟ (٣٧). ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن ڪائن پڇين تہ آسمانن ۽ زمين کي ڪنهن بڻايو آهي؟ تہ ضرور چوندا تہ الله۔ (پوءِ کين) چؤ تہ الله کان سواءِ جن کي سڏيندا آهيو، تن کي ڏسو (تہ سهي) جيڪڏهن الله مون کي ڪا سختي (پهچائڻ) گهري تہ اِهي اُن جي (پهچايل) سختيءَ جي لاهڻ وارا آهن ڇا؟ يا مون کي ڪو سک (پهچائڻ) گهري تہ اِهي (بت) سندس (پهچايل) سک جي بند ڪرڻ وارا آهن ڇا؟ (تون کين) چؤ تہ مون کي الله ڪافي آهي، ڀروسي ڪندڙ مٿس (ئي) ڀروسو ڪندا آهن (٣٨). (کين) چؤ تہ، اي منهنجي قوم! اوهين پنهنجيءَ جاءِ تي عمل ڪريو، بيشڪ آءٌ (بہ پنهنجيءَ جاءِ تي) عمل ڪندڙ آهيان، پوءِ سگهوئي ڄاڻندؤ (٣٩). تہ ڪنهن تي (اُهو) عذاب اچي ٿو، جو کيس خوار ڪندو ۽ مٿس هميشہ جو عذاب لهي ٿو (۴٠).

إِنَّآ أَنزَلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ لِلنَّاسِ بِالْحَقِّ ۚ فَمَنِ اهْتَدٰى
فَلِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ ضَلَّ فَإِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيْهَا ۚ وَمَآ أَنْتَ عَلَيْهِمْ
بِوَكِيلٍ ﴿٤١﴾ اَللّٰهُ يَتَوَفَّى الْأَنْفُسَ حِينَ مَوْتِهَا وَالَّتِي لَمْ
تَمُتْ فِي مَنَامِهَا ۚ فَيُمْسِكُ الَّتِي قَضٰى عَلَيْهَا الْمَوْتَ وَ
يُرْسِلُ الْأُخْرٰى إِلٰى أَجَلٍ مُّسَمًّى ۗ إِنَّ فِي ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ
يَّتَفَكَّرُونَ ﴿٤٢﴾ أَمِ اتَّخَذُوا مِنْ دُونِ اللّٰهِ شُفَعَآءَ ۗ قُلْ
أَوَلَوْ كَانُوا لَا يَمْلِكُونَ شَيْـًٔا وَّلَا يَعْقِلُونَ ﴿٤٣﴾ قُلْ لِّلّٰهِ
الشَّفَاعَةُ جَمِيعًا ۗ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضِ ۗ ثُمَّ إِلَيْهِ
تُرْجَعُونَ ﴿٤٤﴾ وَإِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَحْدَهُ اشْمَأَزَّتْ قُلُوبُ الَّذِينَ
لَا يُؤْمِنُونَ بِالْاٰخِرَةِ ۚ وَإِذَا ذُكِرَ الَّذِينَ مِنْ دُونِهٖٓ إِذَا هُمْ
يَسْتَبْشِرُونَ ﴿٤٥﴾ قُلِ اللّٰهُمَّ فَاطِرَ السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضِ عٰلِمَ
الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ أَنْتَ تَحْكُمُ بَيْنَ عِبَادِكَ فِي مَا كَانُوا
فِيهِ يَخْتَلِفُونَ ﴿٤٦﴾ وَلَوْ أَنَّ لِلَّذِينَ ظَلَمُوا مَا فِي الْأَرْضِ
جَمِيعًا وَّمِثْلَهٗ مَعَهٗ لَافْتَدَوْا بِهٖ مِنْ سُوٓءِ الْعَذَابِ يَوْمَ
الْقِيٰمَةِ ۗ وَبَدَا لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مَا لَمْ يَكُونُوا يَحْتَسِبُونَ ﴿٤٧﴾

بيشڪ اسان توتي ڪتاب ماڻهن لاءِ سچ سان لاٿو، پوءِ جيڪو هدايت وارو ٿيو سو خاص پنهنجي (فائدي) لاءِ ۽ جيڪو گمراهه ٿيو سو رڳو پنهنجي (نقصان) لاءِ گمراهه ٿئي ٿو ۽ تون مٿن ڪو ذميوار نه آهين (۴۱). الله ماڻهن جا روح سندن مرڻ جي مهل ڪڍندو آهي ۽ جيڪو نه مئو آهي (تنهن جو روح) سندس ننڊ (جي حالت) ۾ (ڪڍندو آهي) پوءِ جنهن تي موت جو حڪم ڪيو اٿس، تنهن کي جهليندو آهي ۽ ان ٻئي کي هڪ مقرر مدت تائين ڇڏيندو آهي. بيشڪ هن ۾ انهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن، جيڪي سوچيندا آهن (۴۲). الله کان سواءِ ٻيا شفاعت ڪرڻ وارا ورتا اٿن ڇا؟ (کين) چؤ ته، جيتوڻيڪ اُهي نڪي ڪجهه اختيار رکندا هجن ۽ نڪي سمجهندا هجن (ته به شفاعت ڪندا ڇا؟) (۴۳). (کين) چؤ ته، سڀ شفاعت الله جي (وس) آهي، آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي اُن جي آهي (اوهين) وري ڏانهس موٽائبؤ (۴۴). ۽ جڏهن اڪيلي الله (جي نالي) کي ياد ڪبو آهي (تڏهن) جيڪي آخرت کي نه مڃيندا آهن تن جون دليون ٿهنديون آهن ۽ جڏهن الله کان سواءِ ٻين کي ياد ڪبو آهي، تڏهن اُنهيءَ ئي مهل اُهي سرها ٿيندا آهن (۴۵). (اي پيغمبر!) چؤ ته، اي الله آسمانن ۽ زمين جا پيدا ڪندڙ! ڳجهه ۽ ظاهر جا ڄاڻندڙ! تون ئي پنهنجن ٻانهن جي وچ ۾ جنهن (ڳالهه) بابت (اُهي) جهڳڙو ڪندا رهيا (تنهن بابت) نبيرو ڪندين (۴۶). ۽ جيڪي زمين ۾ (مال) آهي سو سيئي ۽ اُن جيترو ٻيو ساڻس جيڪڏهن ظالمن کي هجي (ته جيڪر) اُهو قيامت جي ڏينهن بڇڙي عذاب کان (بچڻ لاءِ) بدلو ڏئي ڇڪن (ته به کانئن عذاب ٽري نه سگهندو) ۽ الله جي طرف کان اهڙو (معاملو) اُنهن لاءِ ظاهر ٿيندو جنهن جو گمان (ئي) نه رکندا هئا (۴۷).

وَبَدَا لَهُمْ سَيِّاٰتُ مَا كَسَبُوْا وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ
يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿۴۸﴾ فَاِذَا مَسَّ الْاِنْسَانَ ضُرٌّ دَعَانَا ز ثُمَّ اِذَا
خَوَّلْنٰهُ نِعْمَةً مِّنَّا لا قَالَ اِنَّمَآ اُوْتِيْتُهٗ عَلٰى عِلْمٍ ط بَلْ هِىَ فِتْنَةٌ
وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۴۹﴾ قَدْ قَالَهَا الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ
فَمَآ اَغْنٰى عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۵۰﴾ فَاَصَابَهُمْ سَيِّاٰتُ
مَا كَسَبُوْا ط وَالَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْ هٰٓؤُلَآءِ سَيُصِيْبُهُمْ سَيِّاٰتُ
مَا كَسَبُوْا لا وَمَا هُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ﴿۵۱﴾ اَوَلَمْ يَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يَبْسُطُ
الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَقْدِرُ ط اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ
يُّؤْمِنُوْنَ ﴿۵۲﴾ ع قُلْ يٰعِبَادِىَ الَّذِيْنَ اَسْرَفُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ
لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ ط اِنَّ اللّٰهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعًا ط
اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿۵۳﴾ وَاَنِيْبُوْٓا اِلٰى رَبِّكُمْ وَاَسْلِمُوْا لَهٗ مِنْ
قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَكُمُ الْعَذَابُ ثُمَّ لَا تُنْصَرُوْنَ ﴿۵۴﴾ وَاتَّبِعُوْٓا اَحْسَنَ
مَآ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَكُمُ الْعَذَابُ
بَغْتَةً وَّاَنْتُمْ لَا تَشْعُرُوْنَ ﴿۵۵﴾ لا اَنْ تَقُوْلَ نَفْسٌ يّٰحَسْرَتٰى عَلٰى
مَا فَرَّطْتُّ فِىْ جَنْۢبِ اللّٰهِ وَاِنْ كُنْتُ لَمِنَ السّٰخِرِيْنَ ﴿۵۶﴾ لا

۽ جيڪي بڇڙايون ڪمايون هيائون سي انهن لاءِ ظاهر ٿينديون ۽ جنهن (سزا) جون ٺٺوليون ڪندا هئا، سا کين ويڙهي ويندي (۴٨). پوءِ جڏهن انسان کي ڪا تڪليف پهچندي آهي (تڏهن) اسان کي سڏيندو آهي، وري جڏهن ان کي پاڻ وٽان ڪا نعمت ڏيندا آهيون (تڏهن) چوندو آهي ته اُها رڳو پنهنجيءَ ڄاڻ سان (جا مون ۾ آهي) مون کي ڏني وئي آهي (ائين نه آهي) بلڪ اُها (نعمت) آزمائش آهي، پر انهن مان گهڻا نه ڄاڻندا آهن (۴٩). بيشڪ کانئن اڳين (به) اها (ڳالهه) چئي هئي، پوءِ جيڪي (ڪرتوت) ڪيائون ٿي، تن کانئن ڪجهه به (مصيبت) نه ٽاري (٥٠). پوءِ جيڪي ڪمايائون تنهن جون بڇڙايون کين پهتيون ۽ هنن مان (به) جيڪي ظالم آهن، تن جيڪي ڪمايو، تنهن جيون بڇڙايون کين (هاڻي) سگهوئي پهچنديون ۽ اُهي عاجز ڪرڻ وارا نه آهن (٥١). نه ڄاتو اٿن ڇا ته الله جنهن لاءِ گهرندو آهي، (تنهن جو) رزق ڪشادو ڪندو آهي ۽ (جنهن لاءِ گهرندو آهي تنهن جو) گهٽ ڪندو آهي؟ بيشڪ هن (ڪم) ۾ اُنهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن، جيڪي ايمان آڻيندا آهن (٥٢). (منهنجي طرفان انهن کي) چؤ ته، اي منهنجا اُهي ٻانهؤ جن پاڻ تي ظلم ڪيو! (اوهين) الله جي رحمت کان نااُميد نه ٿيو، ڇو ته الله سڀ گناهه بخشيندو آهي، بيشڪ اهو ئي بخشڻهار مهربان آهي (٥٣). ۽ پنهنجي پالڻهار ڏانهن ورو ۽ ان کان اڳي سندس فرمان بردار ٿيو جو اوهان وٽ عذاب اچي (۽) وري مدد نه ڏجيوَ (٥۴). ۽ اوهان جي پالڻهار کان اوهان ڏانهن جيڪا بلڪل چڱي شيءِ نازل ڪئي ويئي آهي، تنهن جي اُنهيءَ کان اڳ تابعداري ڪريو جو اوهان وٽ اوچتو عذاب اچي ۽ اوهين بي خبر هجو (٥٥). (انهيءَ ڪري خدا ڏانهن مهاڙ ڪريو ۽ قرآن جي تابعداري ڪريو) نه متان پوءِ ڪوبه جيءُ چوي ته هاءِ ارمان! جو الله جي دين ۾ سستي ڪيم ۽ بيشڪ (آءٌ ته) ٺٺولين ڪرڻ وارن مان هوس (٥٦).

اَوْ تَقُوْلَ لَوْ اَنَّ اللّٰهَ هَدٰىنِیْ لَكُنْتُ مِنَ الْمُتَّقِیْنَ ﴿۵۷﴾ اَوْ
تَقُوْلَ حِیْنَ تَرَى الْعَذَابَ لَوْ اَنَّ لِیْ كَرَّةً فَاَكُوْنَ مِنَ
الْمُحْسِنِیْنَ ﴿۵۸﴾ بَلٰى قَدْ جَآءَتْكَ اٰیٰتِیْ فَكَذَّبْتَ بِهَا وَ اسْتَكْبَرْتَ
وَ كُنْتَ مِنَ الْكٰفِرِیْنَ ﴿۵۹﴾ وَ یَوْمَ الْقِیٰمَةِ تَرَى الَّذِیْنَ كَذَبُوْا
عَلَى اللّٰهِ وُجُوْهُهُمْ مُّسْوَدَّةٌ ؕ اَلَیْسَ فِیْ جَهَنَّمَ مَثْوًى
لِّلْمُتَكَبِّرِیْنَ ﴿۶۰﴾ وَ یُنَجِّی اللّٰهُ الَّذِیْنَ اتَّقَوْا بِمَفَازَتِهِمْ ۫ لَا
یَمَسُّهُمُ السُّوْٓءُ وَ لَا هُمْ یَحْزَنُوْنَ ﴿۶۱﴾ اَللّٰهُ خَالِقُ كُلِّ شَیْءٍ ۫ وَّ
هُوَ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ وَّكِیْلٌ ﴿۶۲﴾ لَهٗ مَقَالِیْدُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ وَ
الَّذِیْنَ كَفَرُوْا بِاٰیٰتِ اللّٰهِ اُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿۶۳﴾ ع قُلْ
اَفَغَیْرَ اللّٰهِ تَاْمُرُوْٓنِّیْٓ اَعْبُدُ اَیُّهَا الْجٰهِلُوْنَ ﴿۶۴﴾ وَ لَقَدْ
اُوْحِیَ اِلَیْكَ وَ اِلَى الَّذِیْنَ مِنْ قَبْلِكَ ۚ لَىِٕنْ اَشْرَكْتَ
لَیَحْبَطَنَّ عَمَلُكَ وَ لَتَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِیْنَ ﴿۶۵﴾ بَلِ اللّٰهَ
فَاعْبُدْ وَ كُنْ مِّنَ الشّٰكِرِیْنَ ﴿۶۶﴾ وَ مَا قَدَرُوا اللّٰهَ حَقَّ
قَدْرِهٖ ۖۗ وَ الْاَرْضُ جَمِیْعًا قَبْضَتُهٗ یَوْمَ الْقِیٰمَةِ وَ السَّمٰوٰتُ
مَطْوِیّٰتٌۢ بِیَمِیْنِهٖ ؕ سُبْحٰنَهٗ وَ تَعٰلٰى عَمَّا یُشْرِكُوْنَ ﴿۶۷﴾

يا چوي ته جيڪڏهن الله مون کي هدايت ڪري ها ته ضرور پرهيزگارن مان ٿيان ها! (٥٧). يا جڏهن عذاب ڏسي (تڏهن) چوي ته جي منهنجو ٻيو ڀيرو (دنيا ۾ وڃڻ) ٿئي ته جيڪر ڀلارن مان ٿيان! (٥٨). (چئبس ته) هائو! بيشڪ تو وٽ منهنجيون نشانيون آيون هيون، پوءِ اُنهن کي ڪوڙ ڄاتئي ۽ وڏائي ڪيئي ۽ ڪافرن مان ٿئين (٥٩). ۽ قيامت جي ڏينهن تون انهن کي ڏسندين جن الله تي ڪوڙ ٻڌو ته سندن منهن ڪارا ٿيل هوندا. وڏائي ڪندڙن جي جاءِ دوزخ ۾ نه آهي ڇا؟ (٦٠). ۽ جن پرهيزگاري ڪئي، تن کي الله سندن ڇوٽڪاري جي هنڌ ۾ (دوزخ کان) بچائي پهچائيندو، نڪي کين ڪا مدائي پهچندي ۽ نڪي اُهي غمگين ٿيندا (٦١). الله (ئي) سڀڪنهن شيءِ جو خلقيندڙ آهي ۽ اُهو سڀ ڪنهن شيءِ جي سنڀال ڪندڙ آهي (٦٢). آسمانن ۽ زمين جون ڪنجيون اُنهيءَ وٽ ئي آهن ۽ جن الله جي نشانين جو انڪار ڪيو، اُهي ئي خساري وارا آهن (٦٣). (کين) چؤ ته اي بي عقلؤ! مون کي (هيءُ) حڪم ڪندا آهيو ڇا ته الله کان سواءِ (ٻئي) ڪنهن جي عبادت ڪريان؟ (٦٤). ۽ (اي پيغمبر!) بيشڪ تو ڏانهن وحي ڪيو ويو ۽ جيڪي توکان اڳ (ٿيا پيغمبر) هئا تن (هرهڪ) ڏانهن (به)، ته جيڪڏهن (الله سان ڪو) شريڪ مقرر ڪندين ته تنهنجا عمل ضرور ناس ٿيندا ۽ ضرور ٽوٽي وارن مان ٿيندين (٦٥). (نه!) بلڪ رڳو الله جي عبادت ڪر ۽ شڪر ڪرڻ وارن مان هج (٦٦). ۽ (اُنهن) الله کي جيئن سندس (سڃاڻڻ جو) حق آهي، (تيئن) نه سڃاتو. ۽ قيامت جي ڏينهن ساري زمين سندس مٺ ۾ هوندي ۽ آسمان سندس سڄي هٿ ۾ ويڙهيل هوندا. اُهو پاڪ آهي ۽ انهيءَ کان مٿانهون آهي، جيڪي ساڻس شريڪ ٺهرائيندا آهن (٦٧).

وَنُفِخَ فِي الصُّوْرِ فَصَعِقَ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَمَنْ فِي الْاَرْضِ
اِلَّا مَنْ شَآءَ اللّٰهُ ؕ ثُمَّ نُفِخَ فِيْهِ اُخْرٰى فَاِذَا هُمْ قِيَامٌ يَّنْظُرُوْنَ ﴿۶۸﴾
وَاَشْرَقَتِ الْاَرْضُ بِنُوْرِ رَبِّهَا وَوُضِعَ الْكِتٰبُ وَجِآئَ بِالنَّبِيّٖنَ
وَالشُّهَدَآءِ وَقُضِيَ بَيْنَهُمْ بِالْحَقِّ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿۶۹﴾ وَوُفِّيَتْ
كُلُّ نَفْسٍ مَّا عَمِلَتْ وَهُوَ اَعْلَمُ بِمَا يَفْعَلُوْنَ ﴿۷۰﴾ وَسِيْقَ
الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِلٰى جَهَنَّمَ زُمَرًا ؕ حَتّٰٓى اِذَا جَآءُوْهَا فُتِحَتْ
اَبْوَابُهَا وَقَالَ لَهُمْ خَزَنَتُهَآ اَلَمْ يَاْتِكُمْ رُسُلٌ مِّنْكُمْ
يَتْلُوْنَ عَلَيْكُمْ اٰيٰتِ رَبِّكُمْ وَيُنْذِرُوْنَكُمْ لِقَآءَ يَوْمِكُمْ
هٰذَا ؕ قَالُوْا بَلٰى وَلٰكِنْ حَقَّتْ كَلِمَةُ الْعَذَابِ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿۷۱﴾
قِيْلَ ادْخُلُوْٓا اَبْوَابَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ فَبِئْسَ مَثْوَى
الْمُتَكَبِّرِيْنَ ﴿۷۲﴾ وَسِيْقَ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ اِلَى الْجَنَّةِ زُمَرًا ؕ
حَتّٰٓى اِذَا جَآءُوْهَا وَفُتِحَتْ اَبْوَابُهَا وَقَالَ لَهُمْ خَزَنَتُهَا
سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ طِبْتُمْ فَادْخُلُوْهَا خٰلِدِيْنَ ﴿۷۳﴾ وَقَالُوا
الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ صَدَقَنَا وَعْدَهٗ وَاَوْرَثَنَا الْاَرْضَ
نَتَبَوَّاُ مِنَ الْجَنَّةِ حَيْثُ نَشَآءُ ۚ فَنِعْمَ اَجْرُ الْعٰمِلِيْنَ ﴿۷۴﴾

۽ (پهريون ڀيرو) صور ۾ ڦوڪيو ويندو، پوءِ جيڪو ﺑﻪ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو ﺑﻪ زمين ۾ آهي سو (سيڪو) مرندو پر جنهن لاءِ الله گهريو (سو نه) وري اُن ۾ ٻيو ڀيرو ڦوڪبو ته امالڪ ڪرا تي (پيا) ڏسندا (٦٨). ۽ زمين پنهنجي پالڻهار جي نور سان روشن ٿيندي ۽ (عملن جو) ڪتاب رکبو ۽ پيغمبرن ۽ شاهدن کي آڻبو ۽ سندن وچ ۾ حق سان فيصلو ڪبو ۽ انهن تي ظلم نه ڪبو (٦٩). ۽ سيڪنهن ماڻهوءَ جيڪي ڪمايو، تنهن جو پورو بدلو ڪيس ڏبو ۽ جيڪي ڪندا آهن، تنهن کي الله چڱو ڄاڻندڙ آهي (٧٠). ۽ ڪافرن کي ٽوليون ٽوليون ڪري دوزخ ڏانهن هڪالبو، تان جو جڏهن اتي پهچندا (تڏهن) اُن جا دروازا کولبا ۽ ان جا داروغا کين چوندا ته، اوهان مان اوهان وٽ ڪي پيغمبر نه آيا هئا ڇا؟ جو اوهان کي اوهان جي پالڻهار جون آيتون پڙهي ٻڌائين ۽ اوهان کي هن ڏينهن جي پيش اچڻ کان ڊيڄارين. چوندا ته، هائو! (آيا هئا ڊيڄاريو ﺑﻪ هئائون) پر ڪافرن تي عذاب جو حڪم ثابت ٿيو آهي (٧١). (پوءِ انهن کي) چئبو ته دوزخ جي دروازن مان گهڙو منجهس سدائين رهندڙ آهيو، پوءِ وڏائي ڪندڙن جي جاءِ بڇڙي آهي! (٧٢). ۽ جيڪي پنهنجي پالڻهار کان ڊنا سي ٽوليون ٽوليون ڪري بهشت ڏانهن روانا ڪبا. تانجو جڏهن اتي ايندا ۽ وري ان جا دروازا کولبا ۽ ان جا داروغا کين چوندا ته اوهان تي سلام هجي، اوهين (هاڻي) خوش رهو پوءِ منجهس هميشه رهڻ لاءِ گهڙو (٧٣). ۽ چوندا ته، سڀ ساراهه انهيءَ الله کي جڳائي، جنهن پنهنجو انجام اسان سان پورو ڪيو ۽ اسان کي (هن) زمين جو وارث ڪيائين، بهشت مان جتي وڻندو اتئون اُتي جڳهه وٺون ٿا. پوءِ عمل ڪندڙن جو اَجر (ڪهڙو نه) چڱو آهي (٧٤).

وَتَرَى الْمَلٰٓئِكَةَ حَآفِّيْنَ مِنْ حَوْلِ الْعَرْشِ يُسَبِّحُوْنَ بِحَمْدِ
رَبِّهِمْ ۚ وَقُضِيَ بَيْنَهُمْ بِالْحَقِّ وَقِيْلَ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۷۵﴾ ع

## سُوْرَةُ الْمُؤْمِن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ
حٰمٓ ﴿۱﴾ تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ ﴿۲﴾ غَافِرِ الذَّنْۢبِ
وَقَابِلِ التَّوْبِ شَدِيْدِ الْعِقَابِ ذِي الطَّوْلِ ؕ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ
اِلَيْهِ الْمَصِيْرُ ﴿۳﴾ مَا يُجَادِلُ فِيْٓ اٰيٰتِ اللّٰهِ اِلَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَلَا
يَغْرُرْكَ تَقَلُّبُهُمْ فِي الْبِلَادِ ﴿۴﴾ كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ وَّ
الْاَحْزَابُ مِنْۢ بَعْدِهِمْ ۪ وَهَمَّتْ كُلُّ اُمَّةٍۭ بِرَسُوْلِهِمْ
لِيَاْخُذُوْهُ وَجٰدَلُوْا بِالْبَاطِلِ لِيُدْحِضُوْا بِهِ الْحَقَّ فَاَخَذْتُهُمْ ۫ وقف
فَكَيْفَ كَانَ عِقَابِ ﴿۵﴾ وَكَذٰلِكَ حَقَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ عَلَى الَّذِيْنَ
كَفَرُوْٓا اَنَّهُمْ اَصْحٰبُ النَّارِ ﴿۶﴾ ۘ اَلَّذِيْنَ يَحْمِلُوْنَ الْعَرْشَ وَمَنْ
حَوْلَهٗ يُسَبِّحُوْنَ بِحَمْدِ رَبِّهِمْ وَيُؤْمِنُوْنَ بِهٖ وَيَسْتَغْفِرُوْنَ
لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۚ رَبَّنَا وَسِعْتَ كُلَّ شَيْءٍ رَّحْمَةً وَّعِلْمًا فَاغْفِرْ
لِلَّذِيْنَ تَابُوْا وَاتَّبَعُوْا سَبِيْلَكَ وَقِهِمْ عَذَابَ الْجَحِيْمِ ﴿۷﴾

۽ ملائڪن کي عرش جي چوڌاري وڪوڙيندڙ ڏسندين پنهنجي پالڻهار جي ساراه سان گڏ پاڪائي بيان ڪندا آهن ۽ انهن جي وچ ۾ انصاف جو حڪم ڪبو ۽ (آخر ۾) چيو ويندو ته سڀ ساراه جهانن جي پالڻهار الله کي جڳائي (٧٥).

سورة مؤمن مڪي آهي ۽ هن ۾ پنجاسي آيتون ۽ نوَ رڪوع آهن.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

حٰمٓ (١). (هن) ڪتاب جو (هيٺ) لاهڻ الله غالب ڄاڻندڙ وٽان آهي (٢). جو گناه بخشيندڙ ۽ توبه قبول ڪندڙ سخت سزا ڏيندڙ وڏيءَ سگهه وارو آهي. اُن کان سواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جي لائق نه آهي، ڏانهس ورڻو آهي (٣). ڪافرن کان سواءِ الله جي آيتن بابت (ٻيو) ڪوبه تڪرار نه ڪندو آهي، پوءِ شهرن ۾ (واپار لاءِ) سندن اچ وڃ توکي نه ٺڳي (٤). کانئن اڳ نوح جي قوم ۽ انهن کان پوءِ ٻين (ڪيترن ئي) ٽولين ڪوڙ ڄاتو ۽ سڀڪنهن ٽوليءَ پنهنجي پيغمبر جو ارادو ڪيو ته کيس پڪڙين. ۽ اجايو (ڳالهين) سان جهيڙو ڪندا رهيا ته جيئن ان سان حق کي ٿيڙين، پوءِ کين ورتم، پوءِ منهنجي سزا (ڏيڻ) ڪيئن هئي! (٥). ۽ اهڙيءَ طرح تنهنجي پالڻهار جو حڪم ڪافرن تي ثابت ٿيو ته اهي دوزخي آهن (٦). جيڪي (ملائڪ) عرش کي کڻندا آهن ۽ جيڪي ان جي چوڌاري آهن سي پنهنجي پالڻهار جي پاڪائي ساراه سان گڏ بيان ڪندا آهن ۽ مٿس ايمان آڻيندا آهن ۽ مؤمنن لاءِ بخشش گهرندا آهن، (چوندا آهن ته) اي اسان جا پالڻهار! سڀڪنهن شيءِ کي (پنهنجيءَ) ٻاجه ۽ علم ۾ وڪوڙيو اٿيئي، تنهن ڪري جن توبه ڪئي ۽ تنهنجي واٽ جي تابعداري ڪئي، تن کي بخش ۽ کين دوزخ جي عذاب کان بچاءِ (٧).

رَبَّنَا وَاَدۡخِلۡهُمۡ جَنّٰتِ عَدۡنِ ۣالَّتِیۡ وَعَدۡتَّهُمۡ وَمَنۡ صَلَحَ
مِنۡ اٰبَآئِهِمۡ وَاَزۡوَاجِهِمۡ وَذُرِّیّٰتِهِمۡ ؕ اِنَّكَ اَنۡتَ الۡعَزِیۡزُ
الۡحَكِیۡمُ ۙ﴿۸﴾ وَقِهِمُ السَّیِّاٰتِ ؕ وَمَنۡ تَقِ السَّیِّاٰتِ یَوۡمَئِذٍ
فَقَدۡ رَحِمۡتَهٗ ؕ وَذٰلِكَ هُوَ الۡفَوۡزُ الۡعَظِیۡمُ ﴿۹﴾ ع اِنَّ الَّذِیۡنَ
كَفَرُوۡا یُنَادَوۡنَ لَمَقۡتُ اللّٰهِ اَكۡبَرُ مِنۡ مَّقۡتِكُمۡ اَنۡفُسَكُمۡ
اِذۡ تُدۡعَوۡنَ اِلَی الۡاِیۡمَانِ فَتَكۡفُرُوۡنَ ﴿۱۰﴾ قَالُوۡا رَبَّنَاۤ اَمَتَّنَا
اثۡنَتَیۡنِ وَاَحۡیَیۡتَنَا اثۡنَتَیۡنِ فَاعۡتَرَفۡنَا بِذُنُوۡبِنَا فَهَلۡ اِلٰی
خُرُوۡجٍ مِّنۡ سَبِیۡلٍ ﴿۱۱﴾ ذٰلِكُمۡ بِاَنَّهٗۤ اِذَا دُعِیَ اللّٰهُ وَحۡدَهٗ
كَفَرۡتُمۡ ۚ وَاِنۡ یُّشۡرَكۡ بِهٖ تُؤۡمِنُوۡا ؕ فَالۡحُكۡمُ لِلّٰهِ الۡعَلِیِّ الۡكَبِیۡرِ ﴿۱۲﴾
هُوَ الَّذِیۡ یُرِیۡكُمۡ اٰیٰتِهٖ وَیُنَزِّلُ لَكُمۡ مِّنَ السَّمَآءِ رِزۡقًا ؕ
وَمَا یَتَذَكَّرُ اِلَّا مَنۡ یُّنِیۡبُ ﴿۱۳﴾ فَادۡعُوا اللّٰهَ مُخۡلِصِیۡنَ لَهُ
الدِّیۡنَ وَلَوۡ كَرِهَ الۡكٰفِرُوۡنَ ﴿۱۴﴾ رَفِیۡعُ الدَّرَجٰتِ ذُو الۡعَرۡشِ ۚ
یُلۡقِی الرُّوۡحَ مِنۡ اَمۡرِهٖ عَلٰی مَنۡ یَّشَآءُ مِنۡ عِبَادِهٖ لِیُنۡذِرَ
یَوۡمَ التَّلَاقِ ۙ﴿۱۵﴾ یَوۡمَ هُمۡ بٰرِزُوۡنَ ۚ۬ لَا یَخۡفٰی عَلَی اللّٰهِ
مِنۡهُمۡ شَیۡءٌ ؕ لِمَنِ الۡمُلۡكُ الۡیَوۡمَ ؕ لِلّٰهِ الۡوَاحِدِ الۡقَهَّارِ ﴿۱۶﴾

اي اسان جا پالڻهار! کين اُن هميشہ رهڻ وارن باغن ۾ داخل ڪر، جن جو ساڻن وعدو ڪيو اٿيئي ۽ جيڪو سندن پيُن ڏاڏن ۽ سندين زالن ۽ سندن اولاد مان سڌريل هجي، تنهن کي بہ (اُنهن باغن ۾ داخل ڪر) بيشڪ تون ئي غالب حڪمت وارو آهين (٨). ۽ کين سختين کان بچاءِ ۽ جنهن کي اُن ڏينهن ۾ سختين کان بچايئي تنهن تي بيشڪ رحم ڪيئي ۽ اِهو (بچائڻ) وڏي مراد ماڻڻ آهي (٩). بيشڪ، جن ڪفر ڪيو تن کي سڏبو (۽ چئبو) تہ الله جو (اوهان تي) ڏمرجڻ اوهان جي پاڻ تي (اڄ جي) ڏمرجڻ کان تمام وڏو آهي، جڏهن جو اوهان کي (دنيا ۾) ايمان ڏانهن سڏبو هو ۽ نہ مڃيندا هيؤ (١٠). چوندا تہ اي اسان جا پالڻهار! اسان کي ٻہ ڀيرا ماريئي ۽ اسان کي ٻہ ڀيرا جياريئي، تنهن ڪري (هاڻي) پنهنجي گناهَن کي (پڙ) مڃيو سون پوءِ (هاڻي) نڪرڻ جي ڪا واھ (ڪٿي) آهي؟ (١١). (چئبن) اِهو (عذاب اوهان کي) اِنهيءَ ڪري آهي جو جڏهن (خاص) اڪيلي اَلله کي سڏبو هو (تڏهن) اوهين انڪار ڪندا هيؤ ۽ جيڪڏهن ساڻس شريڪ ٺهرايو ويندو هو تہ (اِن ڳالھ کي) مڃيندا هيؤ، پوءِ (اڄ) تمام مٿاهين وڏي الله ئي جو حڪم آهي (١٢). (الله) اُهو آهي جيڪو اوهان کي پنهنجون نشانيون ڏيکاريندو آهي ۽ آسمان مان اوهان لاءِ روزي نازل ڪندو آهي ۽ نصيحت رڳو اُهو وٺندو جيڪو (الله ڏانهن) موٽندو (١٣). پوءِ الله لاءِ پنهنجيءَ عبادت کي خالص ڪري اُن کي سڏيو، جيتوڻيڪ ڪافر ٻڇان ٻائين (١٤). (اُهو) مرتبن کي وڏي ڪرڻ وارو (۽) عرش جو صاحب آهي. پنهنجن ٻانهن مان جنهن تي گهرندو آهي، (تنهن تي) پنهنجي حڪم سان وحي موڪليندو آهي تہ (اُهو ٻانهو ماڻهن کي الله جي) ملڻ جي ڏينهن کان ڊيڄاري (١٥). جنهن ڏينهن اُهي (قبرن مان) ٻاهر نڪرندا، اُنهن جي ڪابہ شيءِ الله کان ڳجهي نہ رهندي (الله فرمائيندو تہ) اڄ ڪنهن جي بادشاهي آهي؟ (وري پاڻ چوندو تہ) خاص اڪيلي غالب الله جي (بادشاهي) آهي (١٦).

اَلۡيَوۡمَ تُجۡزٰى كُلُّ نَفۡسٍۢ بِمَا كَسَبَتۡ‌ؕ لَا ظُلۡمَ الۡيَوۡمَ‌ؕ اِنَّ اللّٰهَ
سَرِيۡعُ الۡحِسَابِ ﴿۱۷﴾ وَاَنۡذِرۡهُمۡ يَوۡمَ الۡاٰزِفَةِ اِذِ الۡقُلُوۡبُ لَدَى
الۡحَنَاجِرِ كٰظِمِيۡنَ ؕ مَا لِلظّٰلِمِيۡنَ مِنۡ حَمِيۡمٍ وَّلَا شَفِيۡعٍ
يُّطَاعُ ؕ ﴿۱۸﴾ يَعۡلَمُ خَآئِنَةَ الۡاَعۡيُنِ وَمَا تُخۡفِى الصُّدُوۡرُ ﴿۱۹﴾
وَاللّٰهُ يَقۡضِىۡ بِالۡحَقِّ‌ؕ وَالَّذِيۡنَ يَدۡعُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِهٖ لَا
يَقۡضُوۡنَ بِشَىۡءٍ‌ؕ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ السَّمِيۡعُ الۡبَصِيۡرُ ﴿۲۰﴾ اَوَلَمۡ
يَسِيۡرُوۡا فِى الۡاَرۡضِ فَيَنۡظُرُوۡا كَيۡفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيۡنَ
كَانُوۡا مِنۡ قَبۡلِهِمۡ‌ؕ كَانُوۡا هُمۡ اَشَدَّ مِنۡهُمۡ قُوَّةً وَّاٰثَارًا فِى
الۡاَرۡضِ فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ بِذُنُوۡبِهِمۡ‌ؕ وَمَا كَانَ لَهُمۡ مِّنَ اللّٰهِ
مِنۡ وَّاقٍ ﴿۲۱﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمۡ كَانَتۡ تَّاۡتِيۡهِمۡ رُسُلُهُمۡ بِالۡبَيِّنٰتِ
فَكَفَرُوۡا فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ‌ؕ اِنَّهٗ قَوِىٌّ شَدِيۡدُ الۡعِقَابِ ﴿۲۲﴾ وَلَقَدۡ
اَرۡسَلۡنَا مُوۡسٰى بِاٰيٰتِنَا وَسُلۡطٰنٍ مُّبِيۡنٍ ﴿۲۳﴾ اِلٰى فِرۡعَوۡنَ وَ
هَامٰنَ وَقَارُوۡنَ فَقَالُوۡا سٰحِرٌ كَذَّابٌ ﴿۲۴﴾ فَلَمَّا جَآءَهُمۡ
بِالۡحَقِّ مِنۡ عِنۡدِنَا قَالُوا اقۡتُلُوۡۤا اَبۡنَآءَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مَعَهٗ
وَاسۡتَحۡيُوۡا نِسَآءَهُمۡ‌ؕ وَمَا كَيۡدُ الۡكٰفِرِيۡنَ اِلَّا فِىۡ ضَلٰلٍ ﴿۲۵﴾

اَڄ سيڪنهن جِيءَ کي انهيءَ جو بدلو ڏبو، جيڪي ڪمايو اٿس، اڄ ڪو ظلم ڪونهي، بيشڪ الله جلد حساب وٺڻ وارو آهي (١٧). ۽ (اي پيغمبر!) کين قيامت جي ڏينهن (جي اُنهيءَ مهل) کان ڊيڄار جنهن مهل (سندين) دليون نڙگهٽن کي ويجهيون ٿينديون (اُهي) ڏک ڀريل هوندا، (اُن ڏينهن) ظالمن جو نه ڪو دوست ۽ نه ڪو پارت ڪندڙ هوندو، جنهن جي ڳالهه مڃجي (١٨). اکين جي خيانت (واري نگاهه) ۽ جيڪي سينا لڪائيندا آهن، سو (الله) ڄاڻندو آهي (١٩). ۽ الله انصاف سان حڪم ڪندو آهي ۽ (منڪر) الله کان سواءِ جن کي سڏيندا آهن، سي ڪجھ به حڪم نه ڪندا آهن، ڇو ته الله ئي ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي (٢٠). ملڪ ۾ نه گهميا آهن ڇا؟ ته (نهاري) ڏسن ته انهن جي پڇاڙي ڪهڙيءَ طرح ٿي جيڪي کانئن اڳ هئا، اُهي کانئن سگهه ۾ ۽ زمين تي نشانين (يعني محلاتن جوڙڻ) ۾ تمام ڏاڍا هئا، پوءِ الله سندن گناهَن سببان کين پڪڙيو ۽ الله (جي عذاب) کان انهن کي ڪو بچائيندڙ نه هو (٢١). اِها (سزا) هن ڪري هين جو سندن پيغمبر (پڌرن) معجزن سان وٽن آيا ٿي، پوءِ انڪار ڪيائون، تنهن ڪري الله کين پڪڙيو، بيشڪ اهو سگهارو سخت سزا ڏيڻ وارو آهي (٢٢). ۽ بيشڪ موسىٰ کي پنهنجن معجزن ۽ پڌريءَ حجت سان موڪليوسون (٢٣). فرعون ۽ هامان ۽ قارون ڏانهن، پوءِ چيائون ته ڪوڙو جادوگر آهي (٢۴). پوءِ جنهن مهل اسان وٽان هنن وٽ سچي (پيغام) سان آيو، (تنهن مهل) چيائون ته جن مٿس ايمان آندو آهي، تن جا پٽ ڪُهو ۽ سندن ڌيئرون جيئريون ڇڏيو ۽ ڪافرن جو فريب ته (نيٺ) غلطيءَ ۾ آهي (٢٥).

وَقَالَ فِرْعَوْنُ ذَرُوْنِيْٓ اَقْتُلْ مُوْسٰى وَلْيَدْعُ رَبَّهٗ ۚ اِنِّيْٓ
اَخَافُ اَنْ يُّبَدِّلَ دِيْنَكُمْ اَوْ اَنْ يُّظْهِرَ فِي الْاَرْضِ
الْفَسَادَ ﴿٢٦﴾ وَقَالَ مُوْسٰٓى اِنِّيْ عُذْتُ بِرَبِّيْ وَرَبِّكُمْ
مِّنْ كُلِّ مُتَكَبِّرٍ لَّا يُؤْمِنُ بِيَوْمِ الْحِسَابِ ﴿٢٧﴾ وَقَالَ رَجُلٌ
مُّؤْمِنٌ ۖ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَكْتُمُ اِيْمَانَهٗٓ اَتَقْتُلُوْنَ رَجُلًا
اَنْ يَّقُوْلَ رَبِّيَ اللّٰهُ وَقَدْ جَآءَكُمْ بِالْبَيِّنٰتِ مِنْ رَّبِّكُمْ ۭ
وَاِنْ يَّكُ كَاذِبًا فَعَلَيْهِ كَذِبُهٗ ۚ وَاِنْ يَّكُ صَادِقًا يُّصِبْكُمْ
بَعْضُ الَّذِيْ يَعِدُكُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِيْ مَنْ هُوَ مُسْرِفٌ
كَذَّابٌ ﴿٢٨﴾ يٰقَوْمِ لَكُمُ الْمُلْكُ الْيَوْمَ ظٰهِرِيْنَ فِي الْاَرْضِ
فَمَنْ يَّنْصُرُنَا مِنْۢ بَاْسِ اللّٰهِ اِنْ جَآءَنَا ۭ قَالَ فِرْعَوْنُ
مَآ اُرِيْكُمْ اِلَّا مَآ اَرٰى وَمَآ اَهْدِيْكُمْ اِلَّا سَبِيْلَ الرَّشَادِ ﴿٢٩﴾
وَقَالَ الَّذِيْٓ اٰمَنَ يٰقَوْمِ اِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ مِّثْلَ
يَوْمِ الْاَحْزَابِ ﴿٣٠﴾ مِثْلَ دَاْبِ قَوْمِ نُوْحٍ وَّعَادٍ وَّثَمُوْدَ
وَالَّذِيْنَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ ۭ وَمَا اللّٰهُ يُرِيْدُ ظُلْمًا لِّلْعِبَادِ ﴿٣١﴾
وَيٰقَوْمِ اِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ يَوْمَ التَّنَادِ ﴿٣٢﴾

۽ فرعون (درٻار وارن کي) چيو تہ، مون کي ڇڏيو تہ موسىٰ کي ڪُھان ۽ ٻلي تہ پنھنجي رب کي سڏي، بيشڪ آءٌ ڊڄان ٿو تہ متان اوھان جو دين مٽائي يا ملڪ ۾ فساد پيدا ڪري (٢٦). ۽ موسىٰ چيو تہ بيشڪ مون سيڪنھن ھٺيلي (جي لچائيءَ) کان، جو حساب جي ڏينھن کي نہ مڃيندو آھي، پنھنجي پالڻھار ۽ اوھانجي پالڻھار جي پناھ ورتي (٢٧). ۽ فرعون جي ماڻھن مان ھڪ مؤمن مڙس جو پنھنجو ايمان لڪائيندو ھو، (تنھن) چيو تہ، اھڙي مڙس کي ڪُھو ٿا ڇا جو چوي ٿو تہ، منھنجو پالڻھار الله آھي ۽ بيشڪ اوھان وٽ اوھان جي پالڻھار کان (چٽا) معجزا آندا اٿس ۽ جيڪڏھن (ڪٿي) ڪوڙو ھجي تہ سندس ڪوڙ (جو وبال) مٿس آھي ۽ جيڪڏھن سچو ھوندو تہ جيڪو وعدو اوھان سان ڪري ٿو، تنھن مان ڪجھ اوھان کي ضرور پھچندو، ڇو تہ جيڪو حد کان لنگھندڙ ڪوڙو ھوندو، تنھن کي الله سڌو رستو نہ ڏيکاريندو آھي (٢٨). اي منھجي قوم! اڄ اوھان جي بادشاھي آھي، ملڪ ۾ (اوھين) غالب آھيو، جيڪڏھن (عذاب) اسان وٽ اچي تہ الله جي عذاب کان (بچڻ لاءِ) اسان کي ڪير واھر ڏيندو؟ فرعون چيو تہ، جيڪا (چڱي مصلحت) ڏسان ٿو، تنھن کان سواءِ (ٻي) اوھان کي نہ ٿو ڏيکاريان ۽ اوھان کي سڌي رستي کان سواءِ (ٻيو رستو) نہ ٿو ڏيکاريان (٢٩). ۽ جنھن ايمان آندو ھو، تنھن چيو تہ اي منھنجي قوم! بيشڪ آءٌ اوھان تي اڳين ٽولين جھڙي (عذاب جي) ڏينھن (اچڻ) کان ڊڄان ٿو (٣٠). جھڙو حال نوح جي قوم ۽ عاد ۽ ثمود ۽ جيڪي کانئن پوءِ ھئا، تن جو (ٿيو ھو تھڙو متان توھان جو بہ ٿئي) ۽ الله ٻانھن تي ظلم ڪرڻ نہ گھرندو آھي (٣١). ۽ اي منھنجي قوم! بيشڪ آءٌ اوھان تي ھڪ ٻئي کي سڏڻ جي (اُنھيءَ) ڏينھن (اچڻ) کان ڊڄان ٿو (٣٢).

يَوْمَ تُوَلُّوْنَ مُدْبِرِيْنَ ۚ مَا لَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ عَاصِمٍ ۚ وَمَنْ يُّضْلِلِ
اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ هَادٍ ﴿۳۳﴾ وَلَقَدْ جَآءَكُمْ يُوْسُفُ مِنْ قَبْلُ
بِالْبَيِّنٰتِ فَمَا زِلْتُمْ فِيْ شَكٍّ مِّمَّا جَآءَكُمْ بِهٖ ؕ حَتّٰۤى اِذَا هَلَكَ قُلْتُمْ
لَنْ يَّبْعَثَ اللّٰهُ مِنْۢ بَعْدِهٖ رَسُوْلًا ؕ كَذٰلِكَ يُضِلُّ اللّٰهُ مَنْ هُوَ
مُسْرِفٌ مُّرْتَابُ ۚ ﴿۳۴﴾ ۙ الَّذِيْنَ يُجَادِلُوْنَ فِيْۤ اٰيٰتِ اللّٰهِ بِغَيْرِ سُلْطٰنٍ
اَتٰىهُمْ ؕ كَبُرَ مَقْتًا عِنْدَ اللّٰهِ وَعِنْدَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ؕ كَذٰلِكَ يَطْبَعُ
اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ قَلْبِ مُتَكَبِّرٍ جَبَّارٍ ﴿۳۵﴾ وَقَالَ فِرْعَوْنُ يٰهَامٰنُ ابْنِ
لِيْ صَرْحًا لَّعَلِّيْۤ اَبْلُغُ الْاَسْبَابَ ﴿۳۶﴾ ۙ اَسْبَابَ السَّمٰوٰتِ فَاَطَّلِعَ
اِلٰۤى اِلٰهِ مُوْسٰى وَاِنِّيْ لَاَظُنُّهٗ كَاذِبًا ؕ وَكَذٰلِكَ زُيِّنَ لِفِرْعَوْنَ سُوْٓءُ
عَمَلِهٖ وَصُدَّ عَنِ السَّبِيْلِ ؕ وَمَا كَيْدُ فِرْعَوْنَ اِلَّا فِيْ تَبَابٍ ﴿۳۷﴾ ع
وَقَالَ الَّذِيْۤ اٰمَنَ يٰقَوْمِ اتَّبِعُوْنِ اَهْدِكُمْ سَبِيْلَ الرَّشَادِ ﴿۳۸﴾ ۚ
يٰقَوْمِ اِنَّمَا هٰذِهِ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا مَتَاعٌ ۫ وَّاِنَّ الْاٰخِرَةَ هِيَ دَارُ
الْقَرَارِ ﴿۳۹﴾ مَنْ عَمِلَ سَيِّئَةً فَلَا يُجْزٰۤى اِلَّا مِثْلَهَا ۚ وَمَنْ
عَمِلَ صَالِحًا مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَاُولٰٓئِكَ
يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ يُرْزَقُوْنَ فِيْهَا بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿۴۰﴾

جنهن ڏينهن اوهين پٺيرا ڦري ڀڄندؤ، الله کان اوهان کي ڪو بچائڻ وارو نہ هوندو ۽ جنهن کي الله ڀلائي ڇڏي تنهن کي ڪو (سڌو) رستو ڏيکارڻ وارو ڪونهي (٣٣). ۽ بيشڪ هن کان اڳ اوهان وٽ يوسف معجزن سان آيو هو، پوءِ جيڪي اوهان وٽ آندائين، تنهن کان (اوهين) هميشہ شڪ ۾ هيؤ، تان جو جڏهن مئو (تڏهن) چيوَ تہ ان کان پوءِ (ڀيو) ڪو پيغمبر الله نہ موڪليندو. اهڙي طرح جيڪو حد کان لنگهندڙ شڪ ڪندڙ آهي، تنهن کي الله ڀلائيندو آهي (٣۴). اُنهن کي (ڀلائيندو آهي) جيڪي الله جي نشانين بابت اهڙيءَ حجت کان سواءِ، جا وٽن آئي هجي جهڳڙو ڪندا آهن، (اهو سندن جهڳڙو ڪرڻ) الله وٽ ۽ مومنن وٽ وڏي غضب جهڙي ڳالھ آهي. اهڙيءَ طرح الله سيڪنهن وڏائي ڪندڙ هٺيلي جي دل تي مهر هڻندو آهي (٣٥). ۽ فرعون چيو تہ، اي هامان! مون لاءِ هڪ ماڙي بڻاءِ، تہ مَن (انهن) واٽن سان پهچان (٣٦). آسمانن جي واٽن کي، تہ موسيٰ جي معبود ڏانهن نهاريان ۽ بيشڪ آءٌ کيس ڪوڙو ڀائيندو آهيان ۽ اهڙيءَ طرح فرعون کي سندس بڇڙو ڪم چڱو ڪري ڏيکاريو ويو ۽سڌيءَ واٽ کان جهليو ويو ۽ فرعون جو فريب رڳو تباهيءَ ۾ هو (٣٧). ۽ جنهن ايمان آندو هو، تنهن چيو تہ، اي منهنجي قوم! منهنجي تابعداري ڪريو تہ (آءٌ) اوهان کي سڌي رستي لايان (٣٨). اي منهنجي قوم! هيءَ دنيا جي حياتي (ٿوري) سامان کان سواءِ (ٻيو) ڪجھ نہ آهي ۽ بيشڪ آخرت ئي سدائين رهڻ جوهنڌ آهي (٣٩). جنهن برو ڪم ڪيو، تنهن کي رڳو اُهڙو بدلو ڏبو. ۽ جنهن چڱو ڪم ڪيو خواھ مرد هجي خواھ عورت ۽ اُهو مؤمن (بہ) هجي تہ اُهي بهشت ۾ گهڙندا، منجهس اڻ ڳڻي روزي ڏبن (۴٠).

وَيٰقَوْمِ مَا لِيْٓ اَدْعُوْكُمْ اِلَى النَّجٰوةِ وَتَدْعُوْنَنِيْٓ اِلَى النَّارِ ؕ ﴿٤١﴾
تَدْعُوْنَنِيْ لِاَكْفُرَ بِاللّٰهِ وَاُشْرِكَ بِهٖ مَا لَيْسَ لِيْ بِهٖ عِلْمٌ ز
وَّاَنَا اَدْعُوْكُمْ اِلَى الْعَزِيْزِ الْغَفَّارِ ﴿٤٢﴾ لَا جَرَمَ اَنَّمَا تَدْعُوْنَنِيْٓ
اِلَيْهِ لَيْسَ لَهٗ دَعْوَةٌ فِي الدُّنْيَا وَلَا فِي الْاٰخِرَةِ وَاَنَّ مَرَدَّنَآ
اِلَى اللّٰهِ وَاَنَّ الْمُسْرِفِيْنَ هُمْ اَصْحٰبُ النَّارِ ﴿٤٣﴾ فَسَتَذْكُرُوْنَ
مَآ اَقُوْلُ لَكُمْ ؕ وَاُفَوِّضُ اَمْرِيْٓ اِلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بَصِيْرٌۢ
بِالْعِبَادِ ﴿٤٤﴾ فَوَقٰىهُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِ مَا مَكَرُوْا وَحَاقَ
بِاٰلِ فِرْعَوْنَ سُوْٓءُ الْعَذَابِ ﴿٤٥﴾ ج اَلنَّارُ يُعْرَضُوْنَ عَلَيْهَا
غُدُوًّا وَّعَشِيًّا ۚ وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ ۫ قف اَدْخِلُوْٓا اٰلَ
فِرْعَوْنَ اَشَدَّ الْعَذَابِ ﴿٤٦﴾ وَاِذْ يَتَحَآجُّوْنَ فِي النَّارِ
فَيَقُوْلُ الضُّعَفٰٓؤُا لِلَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْٓا اِنَّا كُنَّا لَكُمْ
تَبَعًا فَهَلْ اَنْتُمْ مُّغْنُوْنَ عَنَّا نَصِيْبًا مِّنَ النَّارِ ﴿٤٧﴾
قَالَ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْٓا اِنَّا كُلٌّ فِيْهَآ اِنَّ اللّٰهَ قَدْ حَكَمَ
بَيْنَ الْعِبَادِ ﴿٤٨﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ فِي النَّارِ لِخَزَنَةِ جَهَنَّمَ
ادْعُوْا رَبَّكُمْ يُخَفِّفْ عَنَّا يَوْمًا مِّنَ الْعَذَابِ ﴿٤٩﴾

۽ اي منهنجي قوم! مون کي ڇا (ٿيو) آهي جو (آءٌ) اوهان کي ڇوٽڪاري ڏانهن سڏيان ٿو ۽ (اوهين) مون کي باھ ڏانهن سڏيو ٿا؟ (٤١). اوهين مون کي سڏيو ٿا ته الله جو انڪار ڪريان ۽ ساڻس اهڙي شيءِ شريڪ ٺهرايان جنهن (جي حقيقت) جي مون کي ڄاڻپ نه آهي ۽ آءٌ اوهان کي غالب بخشڻهار ڏانهن سڏيان ٿو (٤٢). بلاشڪ اوهين مون کي انهيءَ ڏانهن سڏيو ٿا، جنهن کي دنيا ۽ آخرت ۾ سڏڻ جو ڪو حق نه آهي ۽ بيشڪ اسان جو موٽڻ الله ڏانهن آهي ۽ بيشڪ حد کان لنگهندڙ ئي دوزخي آهن (٤٣). پوءِ جيڪي اوهان کي چوان ٿو، سو سگهو ياد ڪندؤ ۽ (آءٌ) پنهنجو ڪم الله کي سونپيان ٿو، ڇو ته الله ٻانهن (جي حال) کي ڏسندڙ آهي (٤٤). پوءِ جيڪي ڦند ستيائون تن جي بڇڙائيءَ کان الله کيس بچايو ۽ فرعون جي ماڻهن کي بڇڙي عذاب ويڙهيو (٤٥). جا باھ آهي، جنهن تي صبح ۽ سانجهيءَ جو کين حاضر ڪبو آهي ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي، (تنهن ڏينهن حڪم ڪبو ته) فرعونين کي سخت عذاب ۾ گهيڙيو (٤٦). ۽ (ياد ڪر) جڏهن باھ ۾ هڪ ٻئي سان جهڳڙو ڪندا (تڏهن) هيٺا هٺيلن کي چوندا ته بيشڪ اسين اوهان جا تابعدار هئاسون، تنهن ڪري باھ (جي عذاب) مان ڪو حصو اوهين اسان کان ٽارڻ وارا آهيو (يا نه)؟ (٤٧). هٺيلا چوندا ته بيشڪ اسين (پاڻ) سڀ منجهس (پيل) آهيون، ڇو ته الله ٻانهن جي وچ ۾ نبيرو ڪري چڪو آهي (٤٨). ۽ دوزخي دوزخ جي داروغن کي چوندا ته اوهين پنهنجي پالڻهار کي عرض ڪيو ته اسان کان هڪڙو ڏينهن ڪجھ عذاب هلڪو ڪري (٤٩).

قَالُوْٓا اَوَلَمْ تَكُ تَاْتِيْكُمْ رُسُلُكُمْ بِالْبَيِّنٰتِ ؕ قَالُوْا بَلٰى ؕ
قَالُوْا فَادْعُوْا ۚ وَمَا دُعٰٓؤُا الْكٰفِرِيْنَ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ ﴿۵۰﴾ ع
اِنَّا لَنَنْصُرُ رُسُلَنَا وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا
وَيَوْمَ يَقُوْمُ الْاَشْهَادُ ﴿۵۱﴾ لا يَوْمَ لَا يَنْفَعُ الظّٰلِمِيْنَ
مَعْذِرَتُهُمْ وَلَهُمُ اللَّعْنَةُ وَلَهُمْ سُوْٓءُ الدَّارِ ﴿۵۲﴾ وَلَقَدْ
اٰتَيْنَا مُوْسَى الْهُدٰى وَاَوْرَثْنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ الْكِتٰبَ ﴿۵۳﴾ لا
هُدًى وَّذِكْرٰى لِاُولِي الْاَلْبَابِ ﴿۵۴﴾ فَاصْبِرْ اِنَّ وَعْدَ
اللّٰهِ حَقٌّ وَّاسْتَغْفِرْ لِذَنْۢبِكَ وَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ
بِالْعَشِيِّ وَالْاِبْكَارِ ﴿۵۵﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يُجَادِلُوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِ
اللّٰهِ بِغَيْرِ سُلْطٰنٍ اَتٰىهُمْ ۙ لا اِنْ فِيْ صُدُوْرِهِمْ اِلَّا كِبْرٌ
مَّا هُمْ بِبَالِغِيْهِ ۚ فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ
الْبَصِيْرُ ﴿۵۶﴾ لَخَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ اَكْبَرُ مِنْ خَلْقِ
النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۵۷﴾ وَمَا
يَسْتَوِي الْاَعْمٰى وَالْبَصِيْرُ ۙ لا وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ
عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَلَا الْمُسِيْٓءُ ؕ قَلِيْلًا مَّا تَتَذَكَّرُوْنَ ﴿۵۸﴾

(داروغا) چوندا تہ اوهان جا پيغمبر (پڌرن) معجزن سان اوهان وٽ نہ ايندا هئا ڇا؟ چوندا تہ هائو (ايندا هيا) (داروغا) چوندا تہ پوءِ (اوهين) پاڻ پڪاريو ۽ ڪافرن جو پڪارڻ رڳو گمراهيءَ ۾ آهي (٥٠). بيشڪ اسين پنهنجن پيغمبرن جي ۽ مؤمنن جي دنيا جي حياتيءَ ۾ ضرور مدد ڪندا سون ۽ جنهن ڏينهن شاهد کڙا ٿيندا (تنهن ڏينهن بہ مدد ڪنداسون) (٥١). جنهن ڏينهن ظالمن کي سندن بهانو نفعو نہ ڏيندو ۽ کين لعنت آهي ۽ انهن لاءِ (اُتي) بڇڙي جاءِ آهي (٥٢). ۽ بيشڪ موسيٰ کي هدايت ڏني سون ۽ بني اسرائيل کي ڪتاب جو وارث ڪيوسون (٥٣). جو ڏيان وارن جي سمجهائڻ ۽ نصيحت ڏيڻ لاءِ آهي (٥٤). پوءِ (اي پيغمبر!) صبر ڪر، ڇو تہ الله جو وعدو سچو آهي ۽ پنهنجي گناہ جي بخشش گهر ۽ صبح ۽ سانجهيءَ جو پنهنجي پالڻهار جي ساراهہ سان گڏ پاڪائي بيان ڪر (٥٥). بيشڪ جيڪي الله جي آيتن بابت (اُنهيءَ) حجت بنا جا وٽن آئي هجي جهڳڙو ڪندا آهن، تن جي سينن ۾ وڏائيءَ (جي ارادي) کان سواءِ (ٻيو) ڪجهہ نہ آهي، جنهن کي اهي پهچڻ وارا نہ آهن. پوءِ الله جي پناہ گهر، ڇو تہ اُهو ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي (٥٦). بيشڪ آسمانن ۽ زمين جي بڻاوت ماڻهن جي پيدا ڪرڻ کان تمام وڏي آهي، پر گهڻا ماڻهو نہ ڄاڻيندا آهن (٥٧). ۽ انڌو ۽ سڄو (پاڻ) ۾ برابر نہ آهي ۽ (نڪي) جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا (سي) ۽ نڪي مدائيءَ ڪرڻ وارو (برابر آهن) اوهين گهٽ نصيحت وٺندا آهيو (٥٨).

اِنَّ السَّاعَةَ لَاٰتِيَةٌ لَّا رَيْبَ فِيْهَا وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ
لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۵۹﴾ وَقَالَ رَبُّكُمُ ادْعُوْنِيْٓ اَسْتَجِبْ لَكُمْ ؕ
اِنَّ الَّذِيْنَ يَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِيْ سَيَدْخُلُوْنَ جَهَنَّمَ
دٰخِرِيْنَ ﴿۶۰﴾ اَللّٰهُ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ لِتَسْكُنُوْا فِيْهِ
وَالنَّهَارَ مُبْصِرًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَ
لٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَشْكُرُوْنَ ﴿۶۱﴾ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ خَالِقُ
كُلِّ شَيْءٍ ۘ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۫ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ﴿۶۲﴾ كَذٰلِكَ
يُؤْفَكُ الَّذِيْنَ كَانُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ يَجْحَدُوْنَ ﴿۶۳﴾ اَللّٰهُ
الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ قَرَارًا وَّالسَّمَآءَ بِنَآءً وَّصَوَّرَكُمْ
فَاَحْسَنَ صُوَرَكُمْ وَرَزَقَكُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ ؕ ذٰلِكُمُ
اللّٰهُ رَبُّكُمْ ۚ فَتَبٰرَكَ اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۶۴﴾ هُوَ
الْحَيُّ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ فَادْعُوْهُ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ؕ
اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۶۵﴾ قُلْ اِنِّيْ نُهِيْتُ اَنْ اَعْبُدَ
الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَمَّا جَآءَنِيَ الْبَيِّنٰتُ
مِنْ رَّبِّيْ ۫ وَاُمِرْتُ اَنْ اُسْلِمَ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۶۶﴾

بيشڪ قيامت ضرور اچڻي آهي، منجهس ڪو شڪ نہ آهي، پر گهڻا ماڻهو ويساهہ نہ آڻيندا آهن (٥٩). ۽ اوهان جو پالڻهار فرمائي ٿو تہ، اوهين مون ڪان دعا گهرو تہ اوهان جي دعا قبول ڪريان، بيشڪ جيڪي منهنجي عبادت کان وڏائي ڪندا آهن، سي خوار ٿي دوزخ ۾ سگهوئي گهڙندا (٦٠). اللہ اُهو آهي، جنهن اوهان لاءِ رات کي پيدا ڪيو تہ منجهس آرام وٺو ۽ ڏينهن کي (اوهان جي هڪ ٻئي کي) ڏسڻ لاءِ (پيدا ڪيو) بيشڪ اللہ ماڻهن تي (وڏي) فضل (ڪرڻ) وارو آهي، پر گهڻا ماڻهو شڪر نہ ڪندا آهن (٦١). اهو اللہ اوهان جو پالڻهار، هر شيءِ کي خلقيندڙ آهي. اُن کان سواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جي لائق نہ آهي پوءِ اوهين ڪيڏانهن ڦيرايا ويندا آهيو؟ (٦٢). اهڙيءَ طرح اهي (سنئين واٽ کان) ڀلائبا آهن جن اللہ جي آيتن جو انڪار ٿي ڪيو (٦٣). اللہ اُهو آهي، جنهن اوهان لاءِ زمين کي آرام جو هنڌ ۽ آسمان کي ڇت بڻايو ۽ اوهان جي شڪل ٺاهيائين، پوءِ اوهان جون شڪليون تمام چڱيون بڻايائين ۽ اوهان کي سٺين شين مان روزي ڏنائين، اهو اللہ اوهان جو پالڻهار آهي، پوءِ جهانن جو پالڻهار وڏيءَ برڪت وارو آهي (٦٤). اُهو (سدائين) جيئرو آهي، ان کان سواءِ ڪو عبادت جو لائق نہ آهي، تنهن ڪري ان لاءِ (پنهنجيءَ) عبادت کي خالص ڪري کيس سڏيو، سڀ ساراهہ خاص جهانن جي پالڻهار اللہ کي جڳائي (٦٥). (اي پيغمبر! ڪين) چؤ تہ اللہ کان سواءِ جن کي (اوهين) سڏيندا آهيو، تن جي پوڄڻ کان، جڏهن منهنجي پالڻهار وٽان مون وٽ (صاف) نشانيون آيون (تڏهن انهيءَ وقت) بيشڪ آءٌ جهليو ويو آهيان ۽ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ جهانن جي پالڻهار جو فرمانبردار هجان (٦٦).

هُوَ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ ثُمَّ مِنْ عَلَقَةٍ
ثُمَّ يُخْرِجُكُمْ طِفْلًا ثُمَّ لِتَبْلُغُوْٓا اَشُدَّكُمْ ثُمَّ لِتَكُوْنُوْا شُيُوْخًا ۚ
وَمِنْكُمْ مَّنْ يُّتَوَفّٰى مِنْ قَبْلُ وَلِتَبْلُغُوْٓا اَجَلًا مُّسَمًّى وَّلَعَلَّكُمْ
تَعْقِلُوْنَ ﴿۶۷﴾ هُوَ الَّذِيْ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ۚ فَاِذَا قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا
يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿۶۸﴾ ع اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ يُجَادِلُوْنَ فِيْٓ
اٰيٰتِ اللّٰهِ ۭ اَنّٰى يُصْرَفُوْنَ ﴿۶۹﴾ ۙ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِالْكِتٰبِ وَبِمَآ
اَرْسَلْنَا بِهٖ رُسُلَنَا ۫ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ﴿۷۰﴾ ۙ اِذِ الْاَغْلٰلُ فِيْٓ
اَعْنَاقِهِمْ وَالسَّلٰسِلُ ۭ يُسْحَبُوْنَ ﴿۷۱﴾ ۙ فِي الْحَمِيْمِ ڏ ثُمَّ فِي
النَّارِ يُسْجَرُوْنَ ﴿۷۲﴾ ۚ ثُمَّ قِيْلَ لَهُمْ اَيْنَ مَا كُنْتُمْ تُشْرِكُوْنَ ﴿۷۳﴾ ۙ
مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۭ قَالُوْا ضَلُّوْا عَنَّا بَلْ لَّمْ نَكُنْ نَّدْعُوْا مِنْ
قَبْلُ شَيْـــًٔا ۭ كَذٰلِكَ يُضِلُّ اللّٰهُ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۷۴﴾ ذٰلِكُمْ بِمَا كُنْتُمْ
تَفْرَحُوْنَ فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَبِمَا كُنْتُمْ تَمْرَحُوْنَ ﴿۷۵﴾ ۚ
اُدْخُلُوْٓا اَبْوَابَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ فَبِئْسَ مَثْوَى
الْمُتَكَبِّرِيْنَ ﴿۷۶﴾ فَاصْبِرْ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ ۚ فَاِمَّا نُرِيَنَّكَ
بَعْضَ الَّذِيْ نَعِدُهُمْ اَوْ نَتَوَفَّيَنَّكَ فَاِلَيْنَا يُرْجَعُوْنَ ﴿۷۷﴾

(الله) اُهو آهي، جنهن اوهان کي مٽيءَ مان بڻايو، وري نطفي مان وري رت جي دڳ مان وري اوهان کي ٻار ڪري ڪڍي ٿو وري (وڏو ڪري ٿو) ته پلن (اوهين) پنهنجي پوريءَ جوانيءَ کي پهچو، وري (وڏو ڪري ٿو) ته پلن ٻڍڙا ٿيو، اوهان مان ڪو (اِن کان) اڳ ماربو آهي. ۽ (ڪن کي ڇڏي ٿو) ته مقرر مدت کي پهچو ۽ ته مَنَ اوهين سمجهو (٦٧). (الله) اُهو آهي، جيڪو جيارينڌو آهي ۽ مارينڌو آهي، پوءِ جڏهن ڪنهن ڪم جو حڪم ڪندو آهي، تڏهن ان کي رڳو چوندو آهي ته ٿيءُ ته ٿي پوندو آهي (٦٨). (اي پيغمبر!) اُنهن ڏانهن نه ڏٺو اٿيئي ڇا جيڪي الله جي آيتن بابت جهڳڙو ڪندا آهن؟ (اُهي) ڪيڏانهن ڦيرايا ويندا آهن؟ (٦٩). جن ڪتاب کي ڪوڙو ڄاتو ۽ جنهن (شيءِ) سان پنهنجن پيغمبرن کي موڪليوسون تنهن کي (به)، سي سگهوئي ڄاڻندا (٧٠). جڏهن سندن ڳچين ۾ ڳٽ ۽ زنجير (هوندا) اُهي گِهلبا (٧١). ٽهڪندڙ پاڻيءَ ۾، وري باهه ۾ تپڪايا ويندا (٧٢). وري کين چئبو ته جيڪي اوهين شريڪ ٺهرائيندا هيؤ، سي ڪٿي آهن؟ (٧٣). الله ڌاران (پيا)- (اُهي) چوندا ته اسان (جي نظر) کان گم ٿي ويا، بلڪ اسين ته ڪنهن شيءِ کي به اڳي نه پوڄيندا هئاسون، اهڙيءَ طرح الله ڪافرن کي گمراه ڪندو آهي (٧٤). اِها (سزا) اِنهيءَ سببان آهي، جو اوهين زمين ۾ ناحق خوشيءَ (سبب آڪڙ) ڪندا هيؤ ۽ هن سببان (به) جو اوهين لاڏ ڪندا هيؤ (٧٥). (هاڻي) دوزخ جي دروازن مان گهڙو! منجهس سدائين رهندڙ (آهيو)، پوءِ (ڏسو ته دوزخ) هٺيلن جي بڇڙي جاءِ آهي (٧٦). پوءِ (اي پيغمبر! تون) صبر ڪر، بيشڪ الله جو وعدو سچو آهي، پوءِ جيڪڏهن کين جيڪو انجام ڏيون ٿا، تنهن مان ڪجهه توکي (دنيا ۾) ڏيکاريون يا (عذاب جي ظاهر ٿيڻ کان اڳ) توکي وفات ڏيون ته (به نيٺ) اسان ڏانهن موٽائبا (٧٧).

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلًا مِّنْ قَبْلِكَ مِنْهُمْ مَّنْ قَصَصْنَا عَلَيْكَ
وَمِنْهُمْ مَّنْ لَّمْ نَقْصُصْ عَلَيْكَ ؕ وَمَا كَانَ لِرَسُوْلٍ اَنْ يَّاْتِيَ
بِاٰيَةٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ۚ فَاِذَا جَآءَ اَمْرُ اللّٰهِ قُضِيَ بِالْحَقِّ وَخَسِرَ
هُنَالِكَ الْمُبْطِلُوْنَ ﴿۷۸﴾ اَللّٰهُ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَنْعَامَ
لِتَرْكَبُوْا مِنْهَا وَمِنْهَا تَاْكُلُوْنَ ﴿۷۹﴾ وَلَكُمْ فِيْهَا مَنَافِعُ وَ
لِتَبْلُغُوْا عَلَيْهَا حَاجَةً فِيْ صُدُوْرِكُمْ وَعَلَيْهَا وَعَلَى الْفُلْكِ
تُحْمَلُوْنَ ﴿۸۰﴾ ؕ وَيُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ ۖۗ فَاَيَّ اٰيٰتِ اللّٰهِ تُنْكِرُوْنَ ﴿۸۱﴾
اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ
الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَانُوْٓا اَكْثَرَ مِنْهُمْ وَاَشَدَّ قُوَّةً وَّ
اٰثَارًا فِي الْاَرْضِ فَمَآ اَغْنٰى عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۸۲﴾
فَلَمَّا جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَرِحُوْا بِمَا عِنْدَهُمْ مِّنَ الْعِلْمِ
وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿۸۳﴾ فَلَمَّا رَاَوْا بَاْسَنَا
قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَحْدَهٗ وَكَفَرْنَا بِمَا كُنَّا بِهٖ مُشْرِكِيْنَ ﴿۸۴﴾
فَلَمْ يَكُ يَنْفَعُهُمْ اِيْمَانُهُمْ لَمَّا رَاَوْا بَاْسَنَا ؕ سُنَّتَ اللّٰهِ
الَّتِيْ قَدْ خَلَتْ فِيْ عِبَادِهٖ ۚ وَخَسِرَ هُنَالِكَ الْكٰفِرُوْنَ ﴿۸۵﴾

۽ بيشڪ تو کان اڳ ڪيترائي پيغمبر موڪلياسون، منجهائن ڪنهن جو احوال تو کي بيان ڪيوسون ۽ منجهائن ڪنهن جو احوال توکي بيان نہ ڪيوسون ۽ ڪنهن بہ پيغمبر کي الله جي حڪم کان سواءِ ڪنهن (بہ) معجزي آڻڻ (جو اختيار) نہ هو، پوءِ جڏهن الله جو حڪم آيو، (تڏهن) انصاف سان فيصلو ڪيو ويندو ۽ اُتي ڪوڙن نقصان پاتو (۷۸) . الله اُهو آهي جنهن اوهان لاءِ ڍور پيدا ڪيا تہ انهن مان ڪن تي چڙهو ۽ منجهائن ڪي کائيندا آهيو (۷۹) . ۽ منجهن اوهان لاءِ گهڻا فائدا آهن ۽ تہ مٿن چڙهي اُنهيءَ مطلب کي، جو اوهان جي دلين ۾ آهي، سو پورو ڪريو ۽ مٿن ۽ ٻيڙين تي اوهان کي چاڙهبو آهي (۸۰) . ۽ (الله) اوهان کي پنهنجيون نشانيون ڏيکاريندو آهي، پو ۽ الله جي ڪهڙي (ڪهڙي) نشانين کان انڪار ڪندؤ (۸۱) . پوءِ زمين ۾ نہ گهميا آهن ڇا؟ جو نهارين تہ جيڪي کانئن اڳ هئا تن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي؟ (جو) کانئن گهڻا هئا ۽ سگهہ ۾ ۽ زمين تي نشانين (جي ڇڏڻ) ۾ تمام ڏاڍا هئا. پوءِ جيڪي (ڪرتوت) ڪيائون تن کانئن ڪجهہ بہ نہ ٽاريو (۸۲) . پوءِ جنهن مهل سندن پيغمبر معجزن سان وٽن آيا (تنهن مهل) جيڪا (گذران جي) ڄاڻپ وٽن هئي، تنهن سببان خوش ٿيا ۽ جنهن (ڳالھ) تي ٺٺوليون ڪندا هئا، تنهن (جي بڇڙائيءَ) کين ويڙهيو (۸۳) . پوءِ جنهن مهل اسان جو عذاب ڏٺائون (تنهن مهل) چيائون تہ اڪيلي الله تي ايمان آندوسون، ۽ جنهن شيءِ کي (ساڻس) شريڪ مقرر ڪندا هياسون تنهن جا منڪر ٿيا سون (۸۴) . پوءِ جڏهن اسان جو عذاب ڏٺائون (تڏهن) سندن ايمان آڻڻ کين فائدو ڪڏهن نہ ڏنو (اهو) الله جو دستور آهي جو سندس ٻانهن ۾ هليو ايندو آهي ۽ اُن هنڌ ڪافر ٽوٽي وارا ٿيا (۸۵) .

# سُوْرَةُ حٰمٓ السَّجْدَة

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

حٰمٓ ۚ ﴿١﴾ تَنْزِيْلٌ مِّنَ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۚ ﴿٢﴾ كِتٰبٌ فُصِّلَتْ اٰيٰتُهٗ قُرْاٰنًا
عَرَبِيًّا لِّقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ۙ ﴿٣﴾ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا ۚ فَاَعْرَضَ اَكْثَرُهُمْ فَهُمْ
لَا يَسْمَعُوْنَ ﴿٤﴾ وَقَالُوْا قُلُوْبُنَا فِيْٓ اَكِنَّةٍ مِّمَّا تَدْعُوْنَآ اِلَيْهِ وَفِيْٓ
اٰذَانِنَا وَقْرٌ وَّمِنْۢ بَيْنِنَا وَبَيْنِكَ حِجَابٌ فَاعْمَلْ اِنَّنَا عٰمِلُوْنَ ﴿٥﴾
قُلْ اِنَّمَآ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰٓى اِلَيَّ اَنَّمَآ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ
فَاسْتَقِيْمُوْٓا اِلَيْهِ وَاسْتَغْفِرُوْهُ ؕ وَوَيْلٌ لِّلْمُشْرِكِيْنَ ۙ ﴿٦﴾ الَّذِيْنَ
لَا يُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿٧﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ
اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ اَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُوْنٍ ﴿٨﴾ ع قُلْ اَئِنَّكُمْ
لَتَكْفُرُوْنَ بِالَّذِيْ خَلَقَ الْاَرْضَ فِيْ يَوْمَيْنِ وَتَجْعَلُوْنَ لَهٗٓ
اَنْدَادًا ؕ ذٰلِكَ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ۚ ﴿٩﴾ وَجَعَلَ فِيْهَا رَوَاسِيَ مِنْ فَوْقِهَا
وَبٰرَكَ فِيْهَا وَقَدَّرَ فِيْهَآ اَقْوَاتَهَا فِيْٓ اَرْبَعَةِ اَيَّامٍ ؕ سَوَآءً
لِّلسَّآئِلِيْنَ ﴿١٠﴾ ثُمَّ اسْتَوٰٓى اِلَى السَّمَآءِ وَهِيَ دُخَانٌ فَقَالَ
لَهَا وَلِلْاَرْضِ ائْتِيَا طَوْعًا اَوْ كَرْهًا ؕ قَالَتَآ اَتَيْنَا طَآئِعِيْنَ ﴿١١﴾

سورة حم سجده مڪي آهي ۽ هن ۾
چوونجاهه آيتون ۽ ڇهه رڪوع آهن.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

حم (١). (هن ڪتاب جو الله) ٻاجهاري مهربان وٽان نازل ٿيڻ آهي (٢). (هيءُ اهڙو) ڪتاب آهي، جو سندس آيتون کولي بيان ڪيون ويون آهن، قرآن عربيءَ ۾، سمجهه وارن ماڻهن لاءِ آهي (٣). جو خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ آهي، پوءِ گهڻن ماڻهن منهن موڙيو تنهن ڪري اُهي (اُن کي) ٻڌندائي نہ آهن (٤). ۽ چوندا آهن تہ جنهن ڏانهن اسان کي سڏيندو آهين، تنهن کان اسان جيون دليون پردي ۾ آهن ۽ اسان جي ڪنن ۾ گهٻرائي آهي ۽ اسان جي ۽ اوهان جي وچ ۾ اوٽ آهي. تنهن ڪري (تون پنهنجيءَ طرح) ڪم ڪر، بيشڪ اسين (پنهنجيءَ طرح) ڪم ڪرڻ وارا آهيون (٥). (اي پيغمبر! ڪين) چئو تہ آءٌ (بہ) اوهان ئي جهڙو ماڻهو آهيان، (مگر) مون ڏانهن وحي ڪيو ويندو آهي تہ اوهان جو معبود هڪ خدا آهي، تنهن ڪري ڏانهنس سڌا متوجہ ٿيو ۽ کانئس بخشش گهرو ۽ (اُنهن) مشرڪن لاءِ ويل آهي (٦). جيڪي زڪواة نہ ڏيندا آهن ۽ اهي آخرت کي (بہ) نہ مڃيندا آهن (٧). بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ اڻ کٽ اجر آهي (٨). (اي پيغمبر ڪين) چئو تہ، اوهين ان (الله) جو انڪار ڪندا آيو ڇا جنهن زمين کي ٻن ڏينهن ۾ بڻايو؟ ۽ ان لاءِ (ٻين کي) شريڪ بڻائيندا آهيو، اهو (الله) جهانن جو پالڻهار آهي (٩). ۽ ان (زمين) ۾ مٿانئس پڪا جبل بڻايائين ۽ منجهس برڪت رکيائين ۽ چئن ڏينهن ۾ منجهس اُن (جي رهاڪن) جو قوت مقرر ڪيائين. پڇندڙن لاءِ برابر (کولي بيان ڪيو ويو) آهي (١٠). وري آسمان ڏانهن توجه ڪيائين ۽ اهو (ان وقت) دونهون هو، پوءِ اُن کي ۽ زمين کي چيائين تہ خوشيءَ سان خواه مجبوريءَ سان (وجود ۾) اچو (ٻنهي) چيو تہ، خوشيءَ سان آيا سون (١١).

فَقَضٰىهُنَّ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ فِيْ يَوْمَيْنِ وَاَوْحٰى فِيْ كُلِّ سَمَآءٍ اَمْرَهَا
وَزَيَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنْيَا بِمَصَابِيْحَ ۖ وَحِفْظًا ؕ ذٰلِكَ تَقْدِيْرُ الْعَزِيْزِ
الْعَلِيْمِ ﴿۱۲﴾ فَاِنْ اَعْرَضُوْا فَقُلْ اَنْذَرْتُكُمْ صٰعِقَةً مِّثْلَ صٰعِقَةِ
عَادٍ وَّثَمُوْدَ ؕ ﴿۱۳﴾ اِذْ جَآءَتْهُمُ الرُّسُلُ مِنْ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ وَمِنْ
خَلْفِهِمْ اَلَّا تَعْبُدُوْۤا اِلَّا اللّٰهَ ؕ قَالُوْا لَوْ شَآءَ رَبُّنَا لَاَنْزَلَ مَلٰٓئِكَةً
فَاِنَّا بِمَاۤ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ كٰفِرُوْنَ ﴿۱۴﴾ فَاَمَّا عَادٌ فَاسْتَكْبَرُوْا فِي
الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَقَالُوْا مَنْ اَشَدُّ مِنَّا قُوَّةً ؕ اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ
الَّذِيْ خَلَقَهُمْ هُوَ اَشَدُّ مِنْهُمْ قُوَّةً ؕ وَكَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يَجْحَدُوْنَ ﴿۱۵﴾
فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيْحًا صَرْصَرًا فِيْۤ اَيَّامٍ نَّحِسَاتٍ لِّنُذِيْقَهُمْ
عَذَابَ الْخِزْيِ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ؕ وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَخْزٰى وَهُمْ
لَا يُنْصَرُوْنَ ﴿۱۶﴾ وَاَمَّا ثَمُوْدُ فَهَدَيْنٰهُمْ فَاسْتَحَبُّوا الْعَمٰى عَلَى الْهُدٰى
فَاَخَذَتْهُمْ صٰعِقَةُ الْعَذَابِ الْهُوْنِ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۱۷﴾ ع وَ
نَجَّيْنَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ ﴿۱۸﴾ ع وَيَوْمَ يُحْشَرُ اَعْدَآءُ
اللّٰهِ اِلَى النَّارِ فَهُمْ يُوْزَعُوْنَ ﴿۱۹﴾ حَتّٰۤى اِذَا مَا جَآءُوْهَا شَهِدَ
عَلَيْهِمْ سَمْعُهُمْ وَاَبْصَارُهُمْ وَجُلُوْدُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۲۰﴾

پوءِ (ٻين) ٻن ڏينهن ۾ انهن کي ست آسمان بڻايائين ۽ سڀ ڪنهن آسمان ۾ اُن (جي ڪم) جو حڪم موڪليائين ۽ دنيا جي آسمان کي (تارن جي) ڏيئن سان سينگاريو سون ۽ (شيطانن کان انهيءَ جي) حفاظت ڪئي سون، اِها (الله) غالب ڄاڻندڙ جي رٿ آهي (١٢). پوءِ جيڪڏهن (اُهي) منهن موڙين ته چؤ ته اوهان کي اهڙي عذاب کان ڊيڄاريم جهڙو عاد ۽ ثمود جو عذاب (هو) (١٣). جڏهن پيغمبر سندن اڳيان ۽ سندن پويان انهن وٽ آيا (پيغمبرن چيو) ته الله کان سواءِ (ٻئي) ڪنهن جي عبادت نه ڪريو، چيائون ته جيڪڏهن اسان جو پالڻهار گهري ها ته ضرور ملائڪن کي موڪلي ها! تنهن ڪري (اوهين) جنهن سان موڪليا ويا آهيو، تنهن کي بيشڪ اسين مڃڻ ورا نه آهيون (١٤). پوءِ عاد (وارن) زمين ۾ ناحق وڏائي ڪئي ۽ چيائون ته طاقت ۾ اسان کان وڌيڪ ڏاڍو ڪير آهي؟ نه ڏٺو اٿن ڇا ته اهو الله جنهن کين پيدا ڪيو سو طاقت ۾ کائن وڌيڪ ڏاڍو آهي؟ ۽ (اُهي) اسان جي نشانين جو انڪار ڪندا رهيا (١٥). تنهن ڪري منحوس ڏينهن ۾ مٿن سخت واءُ موڪليو سون ته کين دنيا جي حياتيءَ ۾ خواريءَ وارو عذاب چکايون ۽ بيشڪ آخرت جو عذاب ته وڌيڪ خراب ڪندڙ آهي ۽ انهن کي (ڪا) مدد نه ڏبي (١٦). ۽ باقي ثمود (قوم)، سو انهن کي (سڌو) رستو ڏيکاريو سون، پوءِ هدايت کان انڌائيءَ کي پسند ڪيائون. پوءِ خوار ڪندڙ عذاب جي (سخت) ڪڙڪي کين پڪڙيو، انهيءَ ڪري جو (بڇڙائي) ڪمائيندا هئا (١٧). ۽ جن ايمان آندو ۽ پرهيزگاري ڪندا هئا تن کي بچايو سون (١٨). ۽ جنهن ڏينهن الله جا ويري باهه ڏانهن گڏ ڪيا ويندا، پوءِ (تنهن ڏينهن) اُهي (سيني جي گڏجڻ تائين) ترسايا ويندا (١٩). تان جو جنهن مهل (اُهي مڙيئي) اُن (دوزخ) وٽ ايندا، (تنهن مهل) سندن ڪن ۽ سندن اکيون ۽ سندين کلون جيڪي اُهي (دنيا ۾) ڪندا هئا تنهن جي مٿن شاهدي ڏينديون (٢٠).

وَقَالُوا لِجُلُودِهِمْ لِمَ شَهِدْتُّمْ عَلَيْنَا ۖ قَالُوا أَنْطَقَنَا اللّٰهُ
الَّذِي أَنْطَقَ كُلَّ شَيْءٍ وَّهُوَ خَلَقَكُمْ أَوَّلَ مَرَّةٍ وَّإِلَيْهِ
تُرْجَعُونَ ﴿٢١﴾ وَمَا كُنْتُمْ تَسْتَتِرُونَ أَنْ يَّشْهَدَ عَلَيْكُمْ
سَمْعُكُمْ وَلَا أَبْصَارُكُمْ وَلَا جُلُودُكُمْ وَلٰكِنْ ظَنَنْتُمْ أَنَّ اللّٰهَ
لَا يَعْلَمُ كَثِيرًا مِّمَّا تَعْمَلُونَ ﴿٢٢﴾ وَذٰلِكُمْ ظَنُّكُمُ الَّذِي
ظَنَنْتُمْ بِرَبِّكُمْ أَرْدٰىكُمْ فَأَصْبَحْتُمْ مِّنَ الْخٰسِرِينَ ﴿٢٣﴾ فَإِنْ
يَّصْبِرُوا فَالنَّارُ مَثْوًى لَّهُمْ ۖ وَإِنْ يَّسْتَعْتِبُوا فَمَا هُمْ مِّنَ
الْمُعْتَبِينَ ﴿٢٤﴾ وَقَيَّضْنَا لَهُمْ قُرَنَاءَ فَزَيَّنُوا لَهُمْ مَّا بَيْنَ
أَيْدِيهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ وَحَقَّ عَلَيْهِمُ الْقَوْلُ فِي أُمَمٍ
قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنَ الْجِنِّ وَالْإِنْسِ ۚ إِنَّهُمْ كَانُوا
خٰسِرِينَ ﴿٢٥﴾ وَقَالَ الَّذِينَ كَفَرُوا لَا تَسْمَعُوا لِهٰذَا الْقُرْآنِ
وَالْغَوْا فِيهِ لَعَلَّكُمْ تَغْلِبُونَ ﴿٢٦﴾ فَلَنُذِيقَنَّ الَّذِينَ
كَفَرُوا عَذَابًا شَدِيدًا وَّلَنَجْزِيَنَّهُمْ أَسْوَأَ الَّذِي كَانُوا
يَعْمَلُونَ ﴿٢٧﴾ ذٰلِكَ جَزَاءُ أَعْدَاءِ اللّٰهِ النَّارُ ۚ لَهُمْ فِيهَا
دَارُ الْخُلْدِ ۖ جَزَاءً بِمَا كَانُوا بِآيٰتِنَا يَجْحَدُونَ ﴿٢٨﴾

۽ پنهنجين کلن کي چوندا ته اسان تي شاهدي ڇو ڏنوَ؟ (سيئي) چوندا ته اسان کي انهيءَ الله ڳالهرايو جنهن هر شيءِ کي ڳالهرايو ۽ انهيءَ اوهان کي پهريون ڀيرو بڻايو ۽ (وري به) ڏانهس موٽائبؤ (۲۱). ۽ اوهين پنهنجن ڪنن ۽ پنهنجن اکين ۽ پنهنجين کلن جي پاڻ تي شاهدي ڏيڻ کان نه لڪندا هيؤ، پر اوهان (ائين) ڀانيو هو ته جيڪي ڪندا آهيو، تنهن مان گهڻو (احوال) الله نه ڄاڻندو آهي (۲۲). ۽ اوهان جو اهو گمان، جيڪو پنهنجي پالڻهار جي حق ۾ (غلطيءَ سان) ڀانيو هيَو، تنهن (هاڻي) اوهان کي هلاڪ ڪيو، تنهن ڪري (اڄ) ٽوٽي وارن مان ٿيؤ (۲۳). پوءِ جيڪڏهن صبر ڪندا ته (به) انهن جي جاءِ باھ آهي ۽ جيڪڏهن معافي گهرندا ته (به) اُنهن کي معافي نه ملندي (۲۴). ۽ اُنهن لاءِ (شيطان) سنگتي مقرر ڪيا سون، پوءِ جيڪي سندن اڳيان ۽ جيڪي سندن پويان آهي، تنهن کي انهن لاءِ (سندن سنگتين) سينگاريو ۽ (اِنهيءَ ڪري اُنهن ٽولين ۾ گڏجي) مٿن سزا ثابت ٿي، جيڪي ڪانئن اڳ جنّن ۽ ماڻهن مان گذري ويا آهن بيشڪ اهي سڀ ٽوٽي وارا هئا (۲۵). ۽ ڪافرن (هڪٻئي کي) چيو ته هن قرآن کي نه ٻڌو ۽ ان (جي پڙهڻ جي وچ) ۾ لڙ مچايو ته مَن اوهين غالب ٿيو (۲٦). پوءِ ڪافرن کي ضرور سخت سزا (جو مزو) چکائيندا سون ۽ جيڪي تمام بڇڙو (ڪم) ڪندا هئا، تنهن جو بدلو کين ضرور ڏيندا سون (۲۷). الله جي ويرين جي سزا اها (ئي) باھ آهي، انهن لاءِ اُتي هميشه جو گهر هوندو. اِنهيءَ ڪري سزا (هوندين) جو اسان جي نشانين جو انڪار ڪندا هئا (۲۸).

وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا رَبَّنَآ اَرِنَا الَّذَيْنِ اَضَلّٰنَا مِنَ الْجِنِّ
وَالْاِنْسِ نَجْعَلْهُمَا تَحْتَ اَقْدَامِنَا لِيَكُوْنَا مِنَ الْاَسْفَلِيْنَ ﴿۲۹﴾
اِنَّ الَّذِيْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا تَتَنَزَّلُ عَلَيْهِمُ
الْمَلٰٓئِكَةُ اَلَّا تَخَافُوْا وَلَا تَحْزَنُوْا وَاَبْشِرُوْا بِالْجَنَّةِ الَّتِيْ كُنْتُمْ
تُوْعَدُوْنَ ﴿۳۰﴾ نَحْنُ اَوْلِيٰٓؤُكُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَفِي الْاٰخِرَةِ ۚ
وَلَكُمْ فِيْهَا مَا تَشْتَهِيْٓ اَنْفُسُكُمْ وَلَكُمْ فِيْهَا مَا تَدَّعُوْنَ ؕ ﴿۳۱﴾ نُزُلًا مِّنْ
غَفُوْرٍ رَّحِيْمٍ ﴿۳۲﴾ ع وَمَنْ اَحْسَنُ قَوْلًا مِّمَّنْ دَعَآ اِلَى اللّٰهِ وَعَمِلَ
صَالِحًا وَّقَالَ اِنَّنِيْ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿۳۳﴾ وَلَا تَسْتَوِي الْحَسَنَةُ وَ
لَا السَّيِّئَةُ ؕ اِدْفَعْ بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ فَاِذَا الَّذِيْ بَيْنَكَ وَبَيْنَهٗ
عَدَاوَةٌ كَاَنَّهٗ وَلِيٌّ حَمِيْمٌ ﴿۳۴﴾ وَمَا يُلَقّٰىهَآ اِلَّا الَّذِيْنَ صَبَرُوْا ۚ وَمَا
يُلَقّٰىهَآ اِلَّا ذُوْ حَظٍّ عَظِيْمٍ ﴿۳۵﴾ وَاِمَّا يَنْزَغَنَّكَ مِنَ الشَّيْطٰنِ نَزْغٌ
فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿۳۶﴾ وَمِنْ اٰيٰتِهِ الَّيْلُ وَالنَّهَارُ
وَالشَّمْسُ وَالْقَمَرُ ؕ لَا تَسْجُدُوْا لِلشَّمْسِ وَلَا لِلْقَمَرِ وَاسْجُدُوْا لِلّٰهِ
الَّذِيْ خَلَقَهُنَّ اِنْ كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ ﴿۳۷﴾ فَاِنِ اسْتَكْبَرُوْا فَالَّذِيْنَ
عِنْدَ رَبِّكَ يُسَبِّحُوْنَ لَهٗ بِالَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَهُمْ لَا يَسْئَمُوْنَ ﴿۳۸﴾ السجدة

۽ ڪافر چوندا ته اي اسان جا پالڻهار! جنن ۽ ماڻهن مان جن اسان کي گمراه ڪيو سي اسان کي ڏيکار ته کين پنهجن پيرن جي هيٺان هن ڪري لتاڙيون ته پلي ته (سڀ کان) هيٺاهان هجن (٢٩). بيشڪ جن چيو ته اسان جو پالڻهار الله آهي، وري (ان ڳالهه تي) پڪا ٿي بيٺا تن تي (موت وقت رحمت جا) ملائڪ لهندا آهن (چوندا اٿن) ته (هاڻي) نه ڊڄو ۽ نڪي ڳڻتي ڪريو ۽ انهيءَ بهشت (جي خوشخبريءَ) سان خوش ٿيو، جنهن جو اوهان کي وعدو ڏنو ويندو هو (٣٠). اسين دنيا جي حياتيءَ ۾ اوهان جا دوست هئا سون ۽ آخرت ۾ به (اوهان جا دوست آهيون)، ۽ جيڪي اوهان جو جيءُ خواهش ڪندو سو اوهان لاءِ منجهس آهي ۽ جيڪي اوهين گهرندؤ سو (پڻ) اوهان لاءِ منجهس آهي (٣١). (اها) مهماني بخشڻهار مهربان (الله) وٽان آهي (٣٢). ۽ اُنهيءَ کان وڌيڪ ڳالهه ۾ ڀلو ڪير آهي، جنهن الله ڏانهن سڏيو ۽ (پاڻ به) چڱو ڪم ڪيائين ۽ چيائين ته بيشڪ آءٌ مسلمانن مان آهيان؟ (٣٣). ۽ نيڪي ۽ بدي (پاڻ ۾) برابر نه آهن جا نيڪي ڏاڍي چڱي هجي، تنهن سان (مدائيءَ کي) ٽار، پوءِ اُهو (ماڻهو) جو انهيءَ جي ۽ تنهنجي وچ ۾ دشمني آهي، سو جهٽ پٽ جڻڪ دل گهريو دوست ٿي پوندو (٣٤). ۽ اها ڳالهه صابرن کان سواءِ ٻئي کي حاصل نه ٿيندي آهي ۽ نڪي وڏي نصيب واري کان سواءِ (ٻئي کي) اها حاصل ٿيندي آهي (٣٥). ۽ جيڪڏهن توکي شيطان جو (دل ۾ وير وٺڻ لاءِ) ڪو وسوسو چڀي ته الله جي پناهه گهر، بيشڪ اُهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٣٦). ۽ سندس (قدرت جي) نشانين مان رات ۽ ڏينهن ۽ سج ۽ چنڊ آهن. نڪي سج کي ۽ نڪي چنڊ کي سجدو ڪريو ۽ انهيءَ الله کي سجدو ڪريو جنهن انهن کي خلقيو، جيڪڏهن خاص سنديس عبادت ڪندا آهيو (٣٧). پوءِ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن وڏائي ڪن ته (ڇا ٿيو؟) جيڪي تنهنجي پالڻهار وٽ آهن، سي رات ۽ ڏينهن سندس تسبيحون چوندا آهن ۽ اُهي نه ٿڪبا آهن (٣٨).

وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ اَنَّكَ تَرَى الْاَرْضَ خَاشِعَةً فَاِذَآ اَنْزَلْنَا عَلَيْهَا الْمَآءَ
اهْتَزَّتْ وَرَبَتْ ؕ اِنَّ الَّذِيْٓ اَحْيَاهَا لَمُحْيِ الْمَوْتٰى ؕ اِنَّهٗ عَلٰى كُلِّ
شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۳۹﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يُلْحِدُوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِنَا لَا يَخْفَوْنَ عَلَيْنَا ؕ
اَفَمَنْ يُّلْقٰى فِي النَّارِ خَيْرٌ اَمْ مَّنْ يَّاْتِيْٓ اٰمِنًا يَّوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اِعْمَلُوْا مَا
شِئْتُمْ ۙ اِنَّهٗ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۴۰﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِالذِّكْرِ لَمَّا
جَآءَهُمْ ۚ وَاِنَّهٗ لَكِتٰبٌ عَزِيْزٌ ﴿۴۱﴾ لَّا يَاْتِيْهِ الْبَاطِلُ مِنْۢ بَيْنِ يَدَيْهِ
وَلَا مِنْ خَلْفِهٖ ؕ تَنْزِيْلٌ مِّنْ حَكِيْمٍ حَمِيْدٍ ﴿۴۲﴾ مَا يُقَالُ لَكَ اِلَّا مَا
قَدْ قِيْلَ لِلرُّسُلِ مِنْ قَبْلِكَ ؕ اِنَّ رَبَّكَ لَذُوْ مَغْفِرَةٍ وَّذُوْ عِقَابٍ
اَلِيْمٍ ﴿۴۳﴾ وَلَوْ جَعَلْنٰهُ قُرْاٰنًا اَعْجَمِيًّا لَّقَالُوْا لَوْلَا فُصِّلَتْ اٰيٰتُهٗ ؕ
ءَاَعْجَمِيٌّ وَّعَرَبِيٌّ ؕ قُلْ هُوَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا هُدًى وَّشِفَآءٌ ؕ وَ
الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ فِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَقْرٌ وَّهُوَ عَلَيْهِمْ عَمًى ؕ اُولٰٓئِكَ
يُنَادَوْنَ مِنْ مَّكَانٍۢ بَعِيْدٍ ﴿۴۴﴾ وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ
فَاخْتُلِفَ فِيْهِ ؕ وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ لَقُضِيَ
بَيْنَهُمْ وَاِنَّهُمْ لَفِيْ شَكٍّ مِّنْهُ مُرِيْبٍ ﴿۴۵﴾ مَنْ عَمِلَ صَالِحًا
فَلِنَفْسِهٖ وَمَنْ اَسَآءَ فَعَلَيْهَا ؕ وَمَا رَبُّكَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ﴿۴۶﴾

۽ سندس (قدرت جي) نشانين مان هيءُ (بہ) آهي جو زمين کي وسائل ڏسندو آهين، پوءِ جڏهن مٿس (مينهن جو) پاڻي وسايو سون (تڏهن) اُپامي پيئي ۽ سُجي (اُپري) پيئي. بيشڪ جنهن اُنهيءَ (زمين) کي جياريو آهي، سو ضرور مئن کي (بہ) جيارڻ وارو آهي. بيشڪ اُهو سڀ ڪنهن شيءِ تي وسوارو آهي (٣٩). بيشڪ جيڪي اسان جي آيتن ۾ ڏنگائي (الحاد) ڪندا آهن، سي اسان کان ڳجها نہ آهن، ڀلا جيڪو باه ۾ وجهبو سو ڀلو آهي، يا جيڪو قيامت جي ڏينهن امن وارو ٿي ايندو؟ جيڪي وڻيوَ سو ڪريو، بيشڪ جيڪي ڪندا آهيو، سو اهو (الله) ڏسندڙ آهي (٤٠). بيشڪ جن قرآن جو (اُنهي وقت) انڪار ڪيو، جڏهن وٽن آيو (سي اسان کان ڳجها نہ آهن)، ۽ بيشڪ اُهو (اهڙو وڏو) سڳورو ڪتاب آهي (٤١). جو، نڪي اُن جي اڳيان ۽ نڪي ان جي پويان ڪوڙ داخل ٿيندو آهي، حڪمت واري ساراهيل (الله جي پار) کان لاٿل آهي (٤٢). (اي پيغمبر!) تو کي انهيءَ کان سواءِ (ٻيو) ڪجھ نہ چئبو آهي، جيڪي توکان اڳ (ٻين) پيغمبرن کي چيو ويو هو. بيشڪ تنهنجو پالڻهار بخشش وارو (بہ) آهي ۽ ڏکوئيندڙ سزا ڏيڻ وارو (بہ) آهي (٤٣). ۽ جيڪڏهن اِن (ڪتاب) کي عجمي (يعني عربيءَ کان سواءِ ڌاري ٻوليءَ ۾) قرآن ڪريون ها تہ ضرور (ڪافر) چون ها تہ سنديس آيتون چو نہ کولي بيان ڪيون ويون آهن؟ ڀلا (قرآن) عجمي (ٻوليءَ ۾) ۽ (ٻڌڻ وارا) عربيءَ (ٻوليءَ) وارا آهن (سو چو)؟ (اي پيغمبر! ڪين) چئو تہ، اُهو مؤمنن لاءِ هدايت ۽ شفا آهي. ۽ جيڪي نہ مڃيندا آهن تن جي ڪنن ۾ گهٻرائي آهي ۽ اهو (قرآن) مٿن اندائي آهي. اِهي (اُنهن وانگر آهن جو) ڄڻڪ ڏوراهين هنڌ کان سڏيا ويندا آهن (٤٤). ۽ بيشڪ موسىٰ کي ڪتاب ڏنو سون پوءِ منجهس اختلاف ڪيو ويو ۽ جيڪڏهن تنهنجي پالڻهار کان حڪم اڳاٽو نہ ٿئي ها تہ سندن وچ ۾ ضرور نبيرو ڪيو وڃي ها ۽ بيشڪ اُهي ڪانئس وڏي شڪ ۾ (پيل) آهن (٤٥). جيڪو چڱا ڪم ڪندو سو پاڻ لاءِ (ڪندو) ۽ جيڪو مدا ڪم ڪندو تنهن تي (ئي ان جو نقصان) آهي ۽ تنهنجو پالڻهار ٻانهن تي ظلم ڪرڻ وارو نہ آهي (٤٦).

اِلَيْهِ يُرَدُّ عِلْمُ السَّاعَةِ ؕ وَمَا تَخْرُجُ مِنْ ثَمَرٰتٍ مِّنْ
اَكْمَامِهَا وَمَا تَحْمِلُ مِنْ اُنْثٰى وَلَا تَضَعُ اِلَّا بِعِلْمِهٖ ؕ وَيَوْمَ
يُنَادِيْهِمْ اَيْنَ شُرَكَآءِىْ ۙ قَالُوْٓا اٰذَنّٰكَ ۙ مَا مِنَّا مِنْ شَهِيْدٍ ۚ ﴿۴۷﴾
وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَدْعُوْنَ مِنْ قَبْلُ وَظَنُّوْا مَا لَهُمْ مِّنْ
مَّحِيْصٍ ﴿۴۸﴾ لَا يَسْـَٔمُ الْاِنْسَانُ مِنْ دُعَآءِ الْخَيْرِ ؗ وَاِنْ مَّسَّهُ الشَّرُّ
فَيَـُٔوْسٌ قَنُوْطٌ ﴿۴۹﴾ وَلَئِنْ اَذَقْنٰهُ رَحْمَةً مِّنَّا مِنْ ۢ بَعْدِ ضَرَّآءَ
مَسَّتْهُ لَيَقُوْلَنَّ هٰذَا لِىْ ۙ وَمَآ اَظُنُّ السَّاعَةَ قَآئِمَةً ۙ وَّلَئِنْ
رُّجِعْتُ اِلٰى رَبِّىْٓ اِنَّ لِىْ عِنْدَهٗ لَلْحُسْنٰى ۚ فَلَنُنَبِّئَنَّ الَّذِيْنَ
كَفَرُوْا بِمَا عَمِلُوْا ۫ وَلَنُذِيْقَنَّهُمْ مِّنْ عَذَابٍ غَلِيْظٍ ﴿۵۰﴾ وَاِذَآ
اَنْعَمْنَا عَلَى الْاِنْسَانِ اَعْرَضَ وَنَاٰ بِجَانِبِهٖ ۚ وَاِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ
فَذُوْ دُعَآءٍ عَرِيْضٍ ﴿۵۱﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كَانَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ
ثُمَّ كَفَرْتُمْ بِهٖ مَنْ اَضَلُّ مِمَّنْ هُوَ فِىْ شِقَاقٍ ۢ بَعِيْدٍ ﴿۵۲﴾
سَنُرِيْهِمْ اٰيٰتِنَا فِى الْاٰفَاقِ وَفِىْٓ اَنْفُسِهِمْ حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَهُمْ
اَنَّهُ الْحَقُّ ؕ اَوَلَمْ يَكْفِ بِرَبِّكَ اَنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ شَهِيْدٌ ﴿۵۳﴾ اَلَآ
اِنَّهُمْ فِىْ مِرْيَةٍ مِّنْ لِّقَآءِ رَبِّهِمْ ؕ اَلَآ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَىْءٍ مُّحِيْطٌ ۧ ﴿۵۴﴾

قيامت (اچڻ) جي خبر الله (ئي) جي حوالي آهي ۽ سندس علم کان سواءِ نہ ڪي ميوا پنهجن ڳيـن (مکڙين) مان نڪرندا آهن ۽ نہ ڪا مادي ڏڪي ٿيندي آهي ۽ نڪي ڄڻيندي آهي. ۽ ان ڏينهن (الله) کين سڏيندو تہ منهنجا شريڪ (جي اوهين مقرر ڪندا هيؤ سي) ڪٿي آهن؟ چوندا تہ توکي خبر ڏني سون تہ اسان مان ڪو بہ (اُنهن جي) ثابت ڪرڻ وارو ڪونهي (۴۷). ۽ جن کي (هن کان) اڳ (دنيا ۾) پوڄيندا هئا سي کانئن ڀلجي ويندا ۽ ڀائيندا تہ کين ڪو ڇوٽڪارو ڪونهي (۴۸). انسان چڱائيءَ جي سڏڻ (دعا گهرڻ) کان نہ ٿڪبو آهي ۽ جيڪڏهن کيس (ڪا) مدائي پهچندي آهي تہ پوءِ نااُميد ٿي آسرو ڇنندو آهي (۴۹). ۽ جيڪڏهن کيس تڪليف پهچڻ کان پوءِ پاڻ وٽان ڪا ٻاجھ چکائيندا آهيون تہ ضرور چوندو آهي تہ هيءَ مون (ئي) لاءِ آهي ۽ نہ ٿو ڀانيان تہ قيامت قائم ٿيڻي آهي ۽ جيڪڏهن (آءٌ) پنهنجي پالڻهار ڏانهن (ڪٽي) موٽائبس تہ بيشڪ مون لاءِ وٽس (بہ) ضرور چڱي حالت هوندي. پوءِ ڪافرن جيڪي ڪيو آهي، تنهن بابت کين ضرور خبردار ڪندا سون ۽ کين سخت عذاب ضرور چکائيندا سون (۵۰). ۽ جڏهن انسان تي نعمت ڪندا آهيون، تڏهن منهن ڦيرائيندو آهي ۽ پنهنجو پاسو موڙيندو آهي ۽ جڏهن کيس (ڪا) تڪليف پهچندي اهي، تڏهن وڏيون ڊگهيون دعائون گهرندو آهي (۵۱). (اي پيغمبر! کين) چؤ تہ اوهين ڏسو تہ جيڪڏهن (قرآن) الله وٽان هجي وري سندس انڪار ڪريو تہ جيڪو وڏي ضد ۾ پيل هجي تنهن کان وڌيڪ گمراہ ڪير آهي؟ (۵۲). پنهنجيون نشانيون ملڪن ۾ ۽ سندن وجودن ۾ کين سگهوئي ڏيکاريندا سون، تان جو کين پڌرو ٿيندو تہ بيشڪ اهو (قرآن) سچو آهي، تنهنجو پالڻهار ڪافي نہ آهي ڇا، جيڪو سيڪنهن شيءِ تي حاضر آهي؟ (۵۳). خبردار! بيشڪ اُهي پنهنجي پالڻهار جي ملڻ کان شڪ ۾ (پيل) آهن، خبردار! بيشڪ اُهو هر ڪنهن شيءِ کي وڪوڙيندڙ آهي (۵۴).

# سُوۡرَةُ الشُّوۡرٰى

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

حٰمٓ ۚ ﴿۱﴾ عٓسٓقٓ ﴿۲﴾ كَذٰلِكَ يُوۡحِىۡۤ اِلَيۡكَ وَاِلَى الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِكَ ۙ
اللّٰهُ الۡعَزِيۡزُ الۡحَكِيۡمُ ﴿۳﴾ لَهٗ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الۡاَرۡضِ ؕ وَهُوَ
الۡعَلِىُّ الۡعَظِيۡمُ ﴿۴﴾ تَكَادُ السَّمٰوٰتُ يَتَفَطَّرۡنَ مِنۡ فَوۡقِهِنَّ وَالۡمَلٰٓئِكَةُ
يُسَبِّحُوۡنَ بِحَمۡدِ رَبِّهِمۡ وَيَسۡتَغۡفِرُوۡنَ لِمَنۡ فِى الۡاَرۡضِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ
اللّٰهَ هُوَ الۡغَفُوۡرُ الرَّحِيۡمُ ﴿۵﴾ وَالَّذِيۡنَ اتَّخَذُوۡا مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اَوۡلِيَآءَ اللّٰهُ
حَفِيۡظٌ عَلَيۡهِمۡ ۖ وَمَاۤ اَنۡتَ عَلَيۡهِمۡ بِوَكِيۡلٍ ﴿۶﴾ وَكَذٰلِكَ اَوۡحَيۡنَاۤ
اِلَيۡكَ قُرۡاٰنًا عَرَبِيًّا لِّتُنۡذِرَ اُمَّ الۡقُرٰى وَمَنۡ حَوۡلَهَا وَتُنۡذِرَ يَوۡمَ
الۡجَمۡعِ لَا رَيۡبَ فِيۡهِ ؕ فَرِيۡقٌ فِى الۡجَنَّةِ وَفَرِيۡقٌ فِى السَّعِيۡرِ ﴿۷﴾ وَلَوۡ
شَآءَ اللّٰهُ لَجَعَلَهُمۡ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلٰكِنۡ يُّدۡخِلُ مَنۡ يَّشَآءُ
فِىۡ رَحۡمَتِهٖ ؕ وَالظّٰلِمُوۡنَ مَا لَهُمۡ مِّنۡ وَّلِىٍّ وَّلَا نَصِيۡرٍ ﴿۸﴾ اَمِ اتَّخَذُوۡا
مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اَوۡلِيَآءَ ۚ فَاللّٰهُ هُوَ الۡوَلِىُّ وَهُوَ يُحۡىِ الۡمَوۡتٰى وَهُوَ
عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ﴿۹﴾ وَمَا اخۡتَلَفۡتُمۡ فِيۡهِ مِنۡ شَىۡءٍ فَحُكۡمُهٗۤ
اِلَى اللّٰهِ ؕ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبِّىۡ عَلَيۡهِ تَوَكَّلۡتُ ۖ وَاِلَيۡهِ اُنِيۡبُ ﴿۱۰﴾

سورة شوريٰ مڪي آهي ۽ هن ۾ ٽيونجاهه
آيتون ۽ پنج رڪوع آهن.

اللہ ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

حمر (١). عسق (٢). غالب حڪمت وارو الله اهڙيءَ طرح تو ڏانهن وحي موڪلي ٿو ۽ انهن ڏانهن (ٻہ) جيڪي توکان اڳ هئا (موڪليندو رهيو) (٣). جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو (سڀ) سندس آهي ۽ اُهو (سڀ ڪان) مٿاهون (۽) وڏو آهي (٤). (اللّٰه جي دهشت ڪان) آسمان پنهجي مٿان ڪان ڦاٽڻ تي آهن ۽ ملائڪ پنهنجي پالڻهار جي ساراهه سان گڏ پاڪائي واکاڻيندا آهن ۽ جيڪي زمين ۾ آهن، تن لاءِ بخشش گهرندا آهن. خبردار! بيشڪ الله ئي بخشڻهار مهربان آهي (٥). ۽ جن اُن ڪان سواءِ ٻيا دوست ورتا آهن، تن تي الله نگاهه رکندڙ آهي ۽ تون مٿن ڪو ذميوار نہ آهين (٦). ۽ اهڙيءَ طرح تو ڏانهن عربيءَ (ٻوليءَ) ۾ قرآن وحي ڪيو سون تہ مڪي وارن ۽ سندس آس پاس وارن کي ڊيڄارين ۽ قيامت جو ڏينهن جنهن ۾ ڪو شڪ نہ آهي، تنهن ڪان (پڻ) ڊيڄارين، هڪ ٽولي بهشت ۾ ۽ ٻي ٽولي دوزخ ۾ هوندي (٧). ۽ جيڪڏهن الله گهري ها تہ انهن سڀني کي هڪ ٽولي ڪري ها، پر جنهن کي گهري تنهن کي پنهنجيءَ ٻاجهہ ۾ داخل ڪندو آهي ۽ ظالمن جو نڪي ڪو دوست ۽ نڪي ڪو مددگار آهي (٨). الله کان سواءِ ٻيا ڪارساز ڪري ڇو ورتا اٿن؟ پوءِ الله ئي ڪارساز آهي ۽ اهو ئي مئن کي جياريندو آهي ۽ اهو سڀ ڪنهن شيءِ تي وسوارو آهي (٩). ۽ جنهن (ڳالهہ) بابت تڪرار ڪيو اٿوَ سو ڪجهہ بہ هجي تہ اُنهيءَ جو نبيرو الله ڏانهن (حوالي ڪيل) آهي، منهنجو پالڻهار اهو الله آهي، مٿس ڀروسو ڪيمر ۽ ڏانهس موٽان ٿو (١٠).

فَاطِرُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ جَعَلَ لَكُمْ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ اَزْوَاجًا وَّ
مِنَ الْاَنْعَامِ اَزْوَاجًا ۚ يَذْرَؤُكُمْ فِيْهِ ؕ لَيْسَ كَمِثْلِهٖ شَيْءٌ ۚ وَهُوَ
السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ ﴿۱۱﴾ لَهٗ مَقَالِيْدُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ يَبْسُطُ
الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَقْدِرُ ؕ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۱۲﴾ شَرَعَ لَكُمْ
مِّنَ الدِّيْنِ مَا وَصّٰى بِهٖ نُوْحًا وَّالَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ وَمَا
وَصَّيْنَا بِهٖٓ اِبْرٰهِيْمَ وَمُوْسٰى وَعِيْسٰٓى اَنْ اَقِيْمُوا الدِّيْنَ وَ
لَا تَتَفَرَّقُوْا فِيْهِ ؕ كَبُرَ عَلَى الْمُشْرِكِيْنَ مَا تَدْعُوْهُمْ اِلَيْهِ ؕ اَللّٰهُ
يَجْتَبِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ يُّنِيْبُ ﴿۱۳﴾ وَمَا
تَفَرَّقُوْٓا اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَهُمُ الْعِلْمُ بَغْيًۢا بَيْنَهُمْ ؕ وَلَوْلَا
كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى لَّقُضِيَ بَيْنَهُمْ ؕ وَ
اِنَّ الَّذِيْنَ اُوْرِثُوا الْكِتٰبَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ لَفِيْ شَكٍّ مِّنْهُ مُرِيْبٍ ﴿۱۴﴾
فَلِذٰلِكَ فَادْعُ ۚ وَاسْتَقِمْ كَمَآ اُمِرْتَ ۚ وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَهُمْ ۚ
وَقُلْ اٰمَنْتُ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ مِنْ كِتٰبٍ ۚ وَاُمِرْتُ لِاَعْدِلَ
بَيْنَكُمْ ؕ اَللّٰهُ رَبُّنَا وَرَبُّكُمْ ؕ لَنَآ اَعْمَالُنَا وَلَكُمْ اَعْمَالُكُمْ ؕ لَا
حُجَّةَ بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ ؕ اَللّٰهُ يَجْمَعُ بَيْنَنَا ۚ وَاِلَيْهِ الْمَصِيْرُ ؕ ﴿۱۵﴾

آسمان ۽ زمين جو بڻائيندڙ آهي. اوهان جي جنس منجهان اوهان لاءِ زالون پيدا ڪيائين ۽ ڍورن (جي جنس) مان ڪيترائي قسم (بڻايائين)، انهيءَ طرح سان اوهان کي پکيڙي ٿو، اُن جهڙي ڪا (ٻ) شيءِ نہ آهي ۽ اُهو ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي (١١). آسمانن ۽ زمين جون ڪنجيون وٽس ئي آهن، جنهن لاءِ گهري (تنهن لاءِ) روزي ڪشادي ڪندو آهي ۽ (جنهن لاءِ گهري تنهن لاءِ) تنگ ڪندو آهي، بيشڪ اُهو هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي (١٢). اوهان لاءِ اُهو دين مقرر ڪيائين جنهن (جي قائم ڪرڻ) جو نوح کي حڪم ڪيو هئائين ۽ جيڪو تو ڏانهن (ٻ) وحي ڪيو سين ۽ اهو جنهن (جي قائم ڪرڻ) جو ابراهيم ۽ موسيٰ ۽ عيسيٰ کي حڪم ڪيو سون تہ دين کي قائم ڪريو ۽ منجهس ڌارو ڌار نہ ٿيو. مشرڪن کي اها (ڳالھ) ڏکي لڳي، جنهن ڏانهن کين سڏيندو آهين. الله جنهن کي گهري (تنهن کي) پاڻ ڏانهن چونڊيندو آهي ۽ جيڪو (ڏانهنس) ورندو آهي، تنهن کي پاڻ ڏانهن هدايت ڪندو آهي (١٣). ۽ جو ساڙ پاڻ ۾ هون، تنهن جي ڪري پاڻ وٽ علم پهچڻ کان پوءِ ڌارو وار ٿيا ۽ جيڪڏهن تنهنجي پالڻهار کان مقرر مدت تائين (مهلت ڏيڻ جو) حڪم اڳي (جاري ٿيل) نہ هجي ها تہ ضرور سندن وچ ۾ (هاڻي ئي) فيصلو ڪجي ها ۽ بيشڪ جن کي انهن (پيغمبرن) کان پوءِ ڪتاب ڏنو ويو سي دين کان وڏي شڪ ۾ (پيل) آهن (١٤). پوءِ (تون) اِنهيءَ (دين) ڏانهن سڏ، ۽ جيئن توکي حڪم ڪيو ويو آهي (تيئن) پڪو ٿي بيھ ۽ سندين سڌن جي تابعداري نہ ڪر ۽ چؤ تہ جيڪو بہ ڪتاب الله لاٿو تنهن کي مڃيم ۽ مون کي حڪم ٿيل آهي تہ اوهان جي وچ ۾ انصاف ڪريان، الله اسان جو پالڻهار ۽ اوهان جو پالڻهار آهي، اسان لاءِ اسانجا عمل ۽ اوهان لاءِ اوهان جا عمل آهن، اسان جي ۽ اوهان جي وچ ۾ ڪو تڪرار ڪونهي، الله اسان (سڀني) کي پاڻ ۾ (قيامت ڏينهن) گڏ ڪندو ۽ ڏانهس موٽڻ آهي (١٥).

وَالَّذِيْنَ يُحَآجُّوْنَ فِي اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مَا اسْتُجِيْبَ لَهٗ حُجَّتُهُمْ
دَاحِضَةٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَعَلَيْهِمْ غَضَبٌ وَّلَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ ﴿١٦﴾
اَللّٰهُ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ وَالْمِيْزَانَ ؕ وَمَا يُدْرِيْكَ
لَعَلَّ السَّاعَةَ قَرِيْبٌ ﴿١٧﴾ يَسْتَعْجِلُ بِهَا الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ
بِهَا ۚ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مُشْفِقُوْنَ مِنْهَا ۙ وَيَعْلَمُوْنَ اَنَّهَا الْحَقُّ ؕ
اَلَآ اِنَّ الَّذِيْنَ يُمَارُوْنَ فِي السَّاعَةِ لَفِيْ ضَلٰلٍۭ بَعِيْدٍ ﴿١٨﴾
اَللّٰهُ لَطِيْفٌۢ بِعِبَادِهٖ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَهُوَ الْقَوِيُّ الْعَزِيْزُ ﴿١٩﴾ ع
مَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الْاٰخِرَةِ نَزِدْ لَهٗ فِيْ حَرْثِهٖ ۚ وَمَنْ
كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الدُّنْيَا نُؤْتِهٖ مِنْهَا ۙ وَمَا لَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ
مِنْ نَّصِيْبٍ ﴿٢٠﴾ اَمْ لَهُمْ شُرَكٰٓؤُا شَرَعُوْا لَهُمْ مِّنَ الدِّيْنِ
مَا لَمْ يَاْذَنْۢ بِهِ اللّٰهُ ؕ وَلَوْلَا كَلِمَةُ الْفَصْلِ لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ ؕ
وَاِنَّ الظّٰلِمِيْنَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٢١﴾ تَرَى الظّٰلِمِيْنَ
مُشْفِقِيْنَ مِمَّا كَسَبُوْا وَهُوَ وَاقِعٌۢ بِهِمْ ؕ وَالَّذِيْنَ
اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فِيْ رَوْضٰتِ الْجَنّٰتِ ۚ لَهُمْ مَّا
يَشَآءُوْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَضْلُ الْكَبِيْرُ ﴿٢٢﴾

۽ الله (جي دين) بابت سندس فرمان قبول ڪرڻ کان پوءِ جيڪي جهڳڙو ڪندا آهن، تن جي حجت سندن پالڻهار وٽ ڪوڙي ٿيڻ واري آهي ۽ مٿن (الله جو) ڏمر آهي ۽ ۽ انهن لاءِ سخت عذاب آهي (١٦). الله اهو آهي جنهن سچو ڪتاب ۽ (انصاف جي) ترازي لاٿي. ۽ توکي ڪهڙيءَ ڳالھ ڄاڻايو ته متان قيامت ويجهي هجي (١٧). جيڪي قيامت کي نه مڃيندا آهن، سي اُن کي تڪڙو گهرندا آهن. ۽ جن ايمان آندو آهي سي ان کان ڊڄندا آهن ۽ ڄاڻندا آهن ته بيشڪ اها سچ (اچڻي) آهي. خبردار! بيشڪ جيڪي قيامت بابت جهڳڙو ڪندا آهن، سي بيشڪ وڏيءَ گمراهيءَ ۾ آهن (١٨). الله پنهنجن ٻانهن تي مهربان آهي، جنهن کي گهري (تنهن کي) روزي ڏيندو آهي ۽ اُهو سگهارو غالب آهي (١٩). جيڪو آخرت جي پوک گهرندو آهي، تنهن لاءِ سنديس پوک ۾ واڌارو ڪندا آهيون ۽ جيڪو دنيا جي پوک جو ارادو ڪندو آهي، تنهن کي ڪجھ منجهانئس ڏيندا آهيون ۽ آخرت ۾ ان جو ڪو ٻه حصو نه آهي (٢٠). اُنهن (يعني ڪافرن) جا ڪي اهڙا شريڪ آهن ڇا جن انهن لاءِ دين مان (اُهو) نئون رستو ٻڌايو آهي، جنهن جو الله حڪم نه ڏنو آهي؟ ۽ جيڪڏهن فيصلي ڪرڻ جو وعدو (ٿيل) نه هجي ها ته ضرور (هاڻي ئي) سندن وچ ۾ نبيرو ڪجي ها ۽ بيشڪ ظالمن لاءِ ئي ڏکوئيندڙ عذاب آهي (٢١). (اي پيغمبر!) ظالمن جيڪي ڪمايو آهي، تنهن (جي عذاب) سببان کين ڊڄندڙ ڏسندين ۽ اهو (عذاب) کين پهچندڙ آهي ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا سي بهشتن جي باغن ۾ هوندا، جيڪي گهرندا سو سندن پالڻهار وٽ اُنهن لاءِ (موجود) آهي. اِهو ئي وڏو فضل آهي (٢٢).

ذٰلِكَ الَّذِیْ یُبَشِّرُ اللّٰهُ عِبَادَهُ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ؕ
قُلْ لَّاۤ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَیْهِ اَجْرًا اِلَّا الْمَوَدَّةَ فِی الْقُرْبٰی ؕ وَمَنْ یَّقْتَرِفْ
حَسَنَةً نَّزِدْ لَهٗ فِیْهَا حُسْنًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ شَكُوْرٌ ﴿۲۳﴾ اَمْ یَقُوْلُوْنَ
افْتَرٰی عَلَی اللّٰهِ كَذِبًا ۚ فَاِنْ یَّشَاِ اللّٰهُ یَخْتِمْ عَلٰی قَلْبِكَ ؕ وَیَمْحُ
اللّٰهُ الْبَاطِلَ وَیُحِقُّ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ ؕ اِنَّهٗ عَلِیْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿۲۴﴾
وَهُوَ الَّذِیْ یَقْبَلُ التَّوْبَةَ عَنْ عِبَادِهٖ وَیَعْفُوْا عَنِ السَّیِّاٰتِ
وَیَعْلَمُ مَا تَفْعَلُوْنَ ﴿۲۵﴾ وَیَسْتَجِیْبُ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ
وَیَزِیْدُهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ؕ وَالْكٰفِرُوْنَ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِیْدٌ ﴿۲۶﴾ وَلَوْ
بَسَطَ اللّٰهُ الرِّزْقَ لِعِبَادِهٖ لَبَغَوْا فِی الْاَرْضِ وَلٰكِنْ یُّنَزِّلُ بِقَدَرٍ
مَّا یَشَآءُ ؕ اِنَّهٗ بِعِبَادِهٖ خَبِیْرٌۢ بَصِیْرٌ ﴿۲۷﴾ وَهُوَ الَّذِیْ یُنَزِّلُ الْغَیْثَ
مِنْۢ بَعْدِ مَا قَنَطُوْا وَیَنْشُرُ رَحْمَتَهٗ ؕ وَهُوَ الْوَلِیُّ الْحَمِیْدُ ﴿۲۸﴾ وَ
مِنْ اٰیٰتِهٖ خَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَثَّ فِیْهِمَا مِنْ دَآبَّةٍ ؕ
وَهُوَ عَلٰی جَمْعِهِمْ اِذَا یَشَآءُ قَدِیْرٌ ﴿۲۹﴾ وَمَاۤ اَصَابَكُمْ مِّنْ مُّصِیْبَةٍ فَبِمَا
كَسَبَتْ اَیْدِیْكُمْ وَیَعْفُوْا عَنْ كَثِیْرٍ ؕ ﴿۳۰﴾ وَمَاۤ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِیْنَ
فِی الْاَرْضِ ۚۖ وَمَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِیٍّ وَّلَا نَصِیْرٍ ﴿۳۱﴾

اهو (ثواب) اُهو آهي، جنهن جي الله پنهنجن اُنهن ٻانهن کي خوشخبري ڏيندو آهي، جن ايمان آندو آهي ۽ چڱا ڪم ڪيا آهن، (اي پيغمبر! ڪين) چؤ تہ آءٌ اوهان کان ان (پيغام پهچائڻ) تي ڪو اجورو نہ ٿو گهران، پر (جڳائي تہ) مائٽن (جي وچ) ۾ محبت (رکو) ۽ جيڪو نيڪي ڪمائيندو، تنهن لاءِ ان نيڪيءَ ۾ خوبي وڌائينداسون. بيشڪ الله بخشڻهار قدر دان آهي (٢٣). چوندا آهن ڇا تہ (پيغمبر پاڻ) الله تي ڪوڙ ٺاهيو آهي؟ پوءِ جيڪڏهن الله گهري تہ تنهنجيءَ دل تي مهر هڻي. الله باطل کي مٽائيندو آهي ۽ پنهنجن سخنن سان سچي دين کي ثابت ڪندو آهي، بيشڪ اُهو سينن وارو (ڳجهہ) ڄاڻندڙ آهي (٢٤). ۽ اُهو آهي جو پنهنجن ٻانهن جي توبهہ قبول ڪندو آهي ۽ گناهن کان معافي ڏيندو آهي ۽ جيڪي ڪندا آهيو سو ڄاڻندو آهي (٢٥). ۽ جن ايمان آندو آهي ۽ چڱا ڪم ڪيا آهن، تن جي دعا قبول ڪندو آهي ۽ پنهنجي فضل سان کين وڌيڪ (ٻہ) ڏيندو آهي ۽ ڪافرن لاءِ ئي سخت سزا آهي (٢٦). ۽ جيڪڏهن الله پنهنجن ٻانهن جي روزي ڪشادي ڪري ها تہ ملڪ ۾ ضرور بگيڙ وجهن ها پر جيترو (پاڻ) گهرندو آهي، (اوترو) نازل ڪندو آهي، ڇو تہ اُهو پنهنجن ٻانهن کي ڄاڻندڙ ڏسندڙ آهي (٢٧). ۽ (الله) اُهو آهي جو (ماڻهن جي) نااميد ٿيڻ کان پوءِ مينهن هيٺ موڪليندو آهي ۽ پنهنجي رحمت پکيڙيندو آهي ۽ اُهو (ئي) ڪارساز ساراهيل آهي (٢٨). ۽ آسمانن ۽ زمين جو بڻائڻ ۽ جيڪي سندن وچ ۾ چرندڙ پکيڙيائين تن جو (بڻائڻ) سنديس نشانين مان آهي ۽ اهو جڏهن گهرندو (تڏهن) سندن گڏ ڪرڻ تي وسوارو آهي (٢٩). ۽ جيڪا بہ تڪليف اوهان کي پهچندي آهي، سا اوهان جي هٿن جي ڪمائيءَ سببان آهي ۽ گهڻن (گناهَن) کان (الله) ٽارو ڪندو آهي (٣٠). ۽ اوهين زمين ۾ (ڀڄي) عاجز ڪرڻ وارا نہ آهيو ۽ الله کان سواءِ اوهان جو نہ ڪو ڪارساز ۽ نہ ڪو مددگار آهي (٣١).

وَمِنْ اٰيٰتِهِ الْجَوَارِ فِى الْبَحْرِ كَالْاَعْلَامِ ﴿۳۲﴾ اِنْ يَّشَاْ يُسْكِنِ الرِّيْحَ
فَيَظْلَلْنَ رَوَاكِدَ عَلٰى ظَهْرِهٖ ؕ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ
شَكُوْرٍ ﴿۳۳﴾ اَوْ يُوْبِقْهُنَّ بِمَا كَسَبُوْا وَيَعْفُ عَنْ كَثِيْرٍ ﴿۳۴﴾ وَّيَعْلَمَ
الَّذِيْنَ يُجَادِلُوْنَ فِىْٓ اٰيٰتِنَا ؕ مَا لَهُمْ مِّنْ مَّحِيْصٍ ﴿۳۵﴾ فَمَآ اُوْتِيْتُمْ
مِّنْ شَىْءٍ فَمَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَمَا عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ وَّاَبْقٰى
لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿۳۶﴾ وَالَّذِيْنَ يَجْتَنِبُوْنَ
كَبٰٓئِرَ الْاِثْمِ وَالْفَوَاحِشَ وَاِذَا مَا غَضِبُوْا هُمْ يَغْفِرُوْنَ ﴿۳۷﴾
وَالَّذِيْنَ اسْتَجَابُوْا لِرَبِّهِمْ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ ۪ وَاَمْرُهُمْ شُوْرٰى
بَيْنَهُمْ ۪ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿۳۸﴾ وَالَّذِيْنَ اِذَآ اَصَابَهُمُ
الْبَغْىُ هُمْ يَنْتَصِرُوْنَ ﴿۳۹﴾ وَجَزٰٓؤُا سَيِّئَةٍ سَيِّئَةٌ مِّثْلُهَا ۚ
فَمَنْ عَفَا وَاَصْلَحَ فَاَجْرُهٗ عَلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۴۰﴾
وَلَمَنِ انْتَصَرَ بَعْدَ ظُلْمِهٖ فَاُولٰٓئِكَ مَا عَلَيْهِمْ مِّنْ
سَبِيْلٍ ﴿۴۱﴾ اِنَّمَا السَّبِيْلُ عَلَى الَّذِيْنَ يَظْلِمُوْنَ النَّاسَ وَ
يَبْغُوْنَ فِى الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ
اَلِيْمٌ ﴿۴۲﴾ وَلَمَنْ صَبَرَ وَغَفَرَ اِنَّ ذٰلِكَ لَمِنْ عَزْمِ الْاُمُوْرِ ﴿۴۳﴾ ع

۽ سنديس نشانين مان سمنڊ ۾ جبلن وانگر جهاز (۽ ٻيڙا هلندا) آهن (٣٢). جيڪڏهن (الله) گهري ته واءُ کي روڪي، پوءِ ٻيڙا سمنڊ جي پٺيءَ تي (هلڻ کان) بيهي رهن، بيشڪ ان ۾ سيڪنهن صبر ڪندڙ شڪر ڪندڙ لاءِ نشانيون آهن (٣٣). يا (جيڪڏهن گهري ته) سندن ڪئي سببان ٻيڙين کي (ٻوڙي) ناس ڪري (ته به وسوارو آهي) ۽ گهڻن (گناهن) کان تارو (به) ڪندو آهي (٣٤). ۽ (ته) جيڪي اسان جي آيتن بابت جهڳڙو ڪندا آهن، سي ڄاڻن ته انهن لاءِ ڪو ڇوٽڪارو نه آهي (٣٥). پوءِ جيڪي اوهان کي ڏنو ويو آهي، سو ڪجهه به هجي ته اهو دنيوي حياتيءَ جو (ٿوو) سامان آهي ۽ جيڪي الله وٽ آهي سو ڀَلو ۽ هميشه رهڻ وارو اُنهن لاءِ آهي، جن ايمان آندو آهي ۽ پنهنجي پالڻهار تي ڀروسو ڪندا آهن (٣٦). ۽ (اُنهن لاءِ به) جيڪي وڏن گناهن ۽ بي حيائين کان پاڻ پليندا آهن ۽ جڏهن ڪاوڙيا آهن (تڏهن) اُهي بخشيندا آهن (٣٧). ۽ جن پنهنجي پالڻهار جو حڪم مڃيو ۽ نماز پڙهي ۽ سندن ڪم پاڻ ۾ صلاح سان هوندو آهي ۽ جيڪي کين رزق ڏنو سون، تنهن مان خرچيندا آهن (٣٨). ۽ اُهي (اهڙا آهن) جو جڏهن کين ڪو ظلم پهچي (تڏهن مظلوم جو مناسب) بدلو وٺندا آهن (٣٩). ۽ برائيءَ جو بدلو اهڙي برائي آهي. پوءِ جيڪو معاف ڪري ۽ صلح ڪري تنهن جو اجر الله تي آهي، بيشڪ الله ظالمن کي دوست نه رکندو آهي (٤٠). ۽ بيشڪ جيڪي پنهنجي ايذائجڻ کان پوءِ وير وٺن تن تي ڪا (ڏوراپي جي) واٽ ڪانهي (٤١). (ڏوراپي جي) واٽ رڳو انهن تي آهي، جيڪي ماڻهن کي ايذائيندا آهن ۽ ملڪ ۾ ناحق فساد وجهندا آهن، اُنهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (٤٢). ۽ البت جيڪو صبر ڪري ۽ بخشي (ته) بيشڪ اِهو (ڳڻ) همت جي ڪمن مان آهي (٤٣).

وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ وَّلِيٍّ مِّنْۢ بَعْدِهٖ ؕ وَتَرَى الظّٰلِمِيْنَ
لَمَّا رَاَوُا الْعَذَابَ يَقُوْلُوْنَ هَلْ اِلٰى مَرَدٍّ مِّنْ سَبِيْلٍ ۚ﴿۴۴﴾ وَتَرٰىهُمْ
يُعْرَضُوْنَ عَلَيْهَا خٰشِعِيْنَ مِنَ الذُّلِّ يَنْظُرُوْنَ مِنْ طَرْفٍ خَفِيٍّ ؕ
وَقَالَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّ الْخٰسِرِيْنَ الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ وَاَهْلِيْهِمْ
يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اَلَآ اِنَّ الظّٰلِمِيْنَ فِيْ عَذَابٍ مُّقِيْمٍ ﴿۴۵﴾ وَمَا كَانَ لَهُمْ
مِّنْ اَوْلِيَآءَ يَنْصُرُوْنَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ
مِنْ سَبِيْلٍ ؕ﴿۴۶﴾ اِسْتَجِيْبُوْا لِرَبِّكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ يَوْمٌ لَّا مَرَدَّ لَهٗ
مِنَ اللّٰهِ ؕ مَا لَكُمْ مِّنْ مَّلْجَاٍ يَّوْمَئِذٍ وَّمَا لَكُمْ مِّنْ نَّكِيْرٍ ﴿۴۷﴾ فَاِنْ اَعْرَضُوْا
فَمَآ اَرْسَلْنٰكَ عَلَيْهِمْ حَفِيْظًا ؕ اِنْ عَلَيْكَ اِلَّا الْبَلٰغُ ؕ وَاِنَّآ اِذَآ اَذَقْنَا
الْاِنْسَانَ مِنَّا رَحْمَةً فَرِحَ بِهَا ۚ وَاِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌۢ بِمَا قَدَّمَتْ
اَيْدِيْهِمْ فَاِنَّ الْاِنْسَانَ كَفُوْرٌ ﴿۴۸﴾ لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ
يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ؕ يَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ اِنَاثًا وَّيَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ الذُّكُوْرَ ۙ﴿۴۹﴾
اَوْ يُزَوِّجُهُمْ ذُكْرَانًا وَّاِنَاثًا ۚ وَيَجْعَلُ مَنْ يَّشَآءُ عَقِيْمًا ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌ
قَدِيْرٌ ﴿۵۰﴾ وَمَا كَانَ لِبَشَرٍ اَنْ يُّكَلِّمَهُ اللّٰهُ اِلَّا وَحْيًا اَوْ مِنْ وَّرَآئِ
حِجَابٍ اَوْ يُرْسِلَ رَسُوْلًا فَيُوْحِيَ بِاِذْنِهٖ مَا يَشَآءُ ؕ اِنَّهٗ عَلِيٌّ حَكِيْمٌ ﴿۵۱﴾

۽ جنهن کي الله گمراه ڪري تنهن جو ان کان پوءِ ڪو پرجهلو ڪونهي ۽ (تون) ظالمن کي ڏسندين تہ جڏهن (اُهي) سزا ڏسندا (تڏهن) چوندا تہ (هاڻي دنيا ۾) ورڻ جي ڪا واه آهي ڇا؟ (٤٤). ۽ کين ڏسندين جو دوزخ جي آڏو ڪبن. خواريءَ کان جهڪا ٿيل هوندا ڏٻيءَ اک سان پيا نهاريندا. ۽ مؤمن چوندا تہ بيشڪ ٽوٽي وارا اُهي آهن جن پاڻ کي ۽ پنهنجن گهر وارن کي قيامت جي ڏينهن نقصان لاتو. خبردار! بيشڪ ظالم هميشہ جي عذاب ۾ هوندا (٤٥). ۽ الله کان سواءِ انهن جا ڪي پرجهلا نہ هوندا جي کين مدد ڏين ۽ جنهن کي الله گمراه ڪري تنهن لاءِ ڪا واٽ نہ آهي (٤٦). پنهنجي پالڻهار جو حڪم ان ڏينهن (جي اچڻ) کان اڳ قبول ڪريو، جنهن کي الله (جي پار) کان ٽرڻو نہ آهي، ان ڏينهن نڪا اوهان کي واه آهي ۽ نڪا اوهان لاءِ اوپري ٿي (لڪڻ جي جاءِ) آهي (٤٧). پوءِ جيڪڏهن (اُهي) منهن موڙين تہ توکي مٿن نگهبان ڪري نہ موڪليو اٿون، تو تي پيغام پهچائڻ کان سواءِ (ٻيو) ڪجھ لازم نہ آهي ۽ بيشڪ اسين جڏهن انسان کي پاڻ وٽان رحمت (جو مزو) چکائيندا آهيون (تڏهن) اُن سان خوش ٿيندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪا تڪليف سندن هٿن جي اڳ ڪئي سببان کين پهچندي آهي تہ بيشڪ ماڻهو بي شڪر (ٿيندو) آهي (٤٨). آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي خاص الله جي آهي، جيڪي گهري (سو) خلقيندو آهي. جنهن کي وڻيس (تنهن کي) ڌيئرون بخشيندو آهي ۽ جنهن کي وڻيس (تنهن کي) پُٽَ بخشيندو آهي (٤٩). يا کين پٽ ۽ ڌيئرون گڏ ڏيندو آهي ۽ جنهن کي وڻيس (تنهن کي) سَنڍ ڪندو آهي، بيشڪ اُهو ڄاڻندڙ وسارو آهي (٥٠). ۽ ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ ٿيڻو ئي نہ آهي تہ الله ساڻس ڳالهائي، سواءِ هن جي تہ اشاري سان يا پردي جي پويان يا ڪنهن قاصد موڪلڻ سان (ڳالهائي). پوءِ جيڪي الله گهريو، سو سندس حڪم سان پهچائي ڏئي. بيشڪ اُهو (سڀ کان) مٿاهون حڪمت وارو آهي (٥١).

وَكَذٰلِكَ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلَيۡكَ رُوۡحًا مِّنۡ اَمۡرِنَا ؕ مَا كُنۡتَ تَدۡرِىۡ مَا الۡكِتٰبُ
وَلَا الۡاِيۡمَانُ وَلٰـكِنۡ جَعَلۡنٰهُ نُوۡرًا نَّهۡدِىۡ بِهٖ مَنۡ نَّشَآءُ مِنۡ عِبَادِنَا ؕ
وَاِنَّكَ لَتَهۡدِىۡۤ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسۡتَقِيۡمٍ ۙ﴿۵۲﴾ صِرَاطِ اللّٰهِ الَّذِىۡ لَهٗ مَا
فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الۡاَرۡضِ ؕ اَلَاۤ اِلَى اللّٰهِ تَصِيۡرُ الۡاُمُوۡرُ ﴿۵۳﴾ ع

## سُوۡرَةُ الزُّخۡرُفِ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

حٰمٓ ۚ﴿۱﴾ وَالۡكِتٰبِ الۡمُبِيۡنِ ۙۛ﴿۲﴾ اِنَّا جَعَلۡنٰهُ قُرۡءٰنًا عَرَبِيًّا لَّعَلَّكُمۡ
تَعۡقِلُوۡنَ ۚ﴿۳﴾ وَاِنَّهٗ فِىۡۤ اُمِّ الۡكِتٰبِ لَدَيۡنَا لَعَلِىٌّ حَكِيۡمٌ ؕ﴿۴﴾ اَفَنَضۡرِبُ
عَنۡكُمُ الذِّكۡرَ صَفۡحًا اَنۡ كُنۡتُمۡ قَوۡمًا مُّسۡرِفِيۡنَ ﴿۵﴾ وَكَمۡ اَرۡسَلۡنَا
مِنۡ نَّبِىٍّ فِى الۡاَوَّلِيۡنَ ﴿۶﴾ وَمَا يَاۡتِيۡهِمۡ مِّنۡ نَّبِىٍّ اِلَّا كَانُوۡا بِهٖ
يَسۡتَهۡزِءُوۡنَ ﴿۷﴾ فَاَهۡلَكۡنَاۤ اَشَدَّ مِنۡهُمۡ بَطۡشًا وَّمَضٰى مَثَلُ
الۡاَوَّلِيۡنَ ﴿۸﴾ وَلَئِنۡ سَاَلۡتَهُمۡ مَّنۡ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ لَيَقُوۡلُنَّ
خَلَقَهُنَّ الۡعَزِيۡزُ الۡعَلِيۡمُ ۙ﴿۹﴾ الَّذِىۡ جَعَلَ لَكُمُ الۡاَرۡضَ مَهۡدًا وَّ
جَعَلَ لَكُمۡ فِيۡهَا سُبُلًا لَّعَلَّكُمۡ تَهۡتَدُوۡنَ ۚ﴿۱۰﴾ وَالَّذِىۡ نَزَّلَ مِنَ
السَّمَآءِ مَآءًۢ بِقَدَرٍ ۚ فَاَنۡشَرۡنَا بِهٖ بَلۡدَةً مَّيۡتًا ۚ كَذٰلِكَ تُخۡرَجُوۡنَ ﴿۱۱﴾

۽ اهڙيءَ طرح اسان پنهنجي ڪلام سان تو ڏانهن قرآن وحي ڪيو (اڳ) تون نہ ڄاڻندو هئين تہ ڪتاب ڇا آهي؟ ۽ نڪي (ڄاڻندو هئين تہ) ايمان (ڇا آهي)؟ پر قران کي نور ڪيو اٿئون، پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي گهرون (تنهن کي) اُن سان سڌو رستو ڏيکاريندا آهيون ۽ بيشڪ تون سڌي رستي ڏانهن هدايت ڪندو آهين (٥٢). (يعني) اُنهيءَ الله جو رستو جو جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين آهي سو سندس آهي، خبردار الله ڏانهن (ئی سڀ) ڪم وري ويندا آهن (٥٣).

سورة زخرف مڪي آهي ۽ هن ۾ اُٺاسي آيتون ۽ ست رڪوع آهن.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

حمر (١). (هن) پڌري ڪتاب جو قسم آهي (٢). تہ بيشڪ اسان هن (ڪتاب) کي عربيءَ (ٻوليءَ ۾) قرآن ڪيو آهي تہ مَن اوهين سمجهو (٣). ۽ بيشڪ اهو (ڪتاب) لوح محفوظ ۾ اسان وٽ (لکيل) آهي، بيشڪ (اهو ڪتاب) وڏي مرتبي وارو حڪمت وارو آهي (٤). اوهان کان نصيحت کي هن ڪري منهن موڙي جهليندا سون ڇا تہ اوهين حد کان لنگهيل قوم آهيو؟ (٥). ۽ اڳين (قومن) ۾ گهڻائي پيغمبر موڪليا سون (٦). ۽ وٽن ڪوبہ پيغمبر نہ ٿي آيو، جو ساڻس ٺٺوليون نہ ٿي ڪيائون (٧). پوءِ انهن (قريشن) کان سگهہ ۾ تمام ڏاڍن (عاد ۽ ثمود) کي (جو ڪائنن بلڪل سگهارا هئا) ناس ڪيو سون ۽ اڳين جي حالت (اڳئين بيان ۾) گذري چڪي آهي (٨). ۽ جيڪڏهن (تون) ڪائنن پڇين تہ آسمانن ۽ زمين کي ڪنهن بڻايو تہ ضرور چوندا تہ انهن کي زبردست ڄاڻندڙ (الله) بڻايو آهي (٩). (اُنهيءَ الله) جنهن اوهان لاءِ زمين کي وڇائو بڻايو ۽ اوهان لاءِ منجهس رستا بڻايا تہ مَن اوهين سڌو رستو لهو (١٠). ۽ (اُنهيءَ الله) جنهن آسمان مان اندازي سان پاڻي وسايو، پوءِ ان (پاڻيءَ) سان ويران شهر کي آباد ڪيو سون، اهڙيءَ طرح اوهان کي (قبرن مان) ڪيبو (١١).

وَالَّذِیْ خَلَقَ الْاَزْوَاجَ كُلَّهَا وَجَعَلَ لَكُمْ مِّنَ الْفُلْكِ وَالْاَنْعَامِ
مَا تَرْكَبُوْنَ ﴿۱۲﴾ لِتَسْتَوٗا عَلٰی ظُهُوْرِهٖ ثُمَّ تَذْكُرُوْا نِعْمَةَ رَبِّكُمْ اِذَا
اسْتَوَیْتُمْ عَلَیْهِ وَتَقُوْلُوْا سُبْحٰنَ الَّذِیْ سَخَّرَ لَنَا هٰذَا وَمَا كُنَّا
لَهٗ مُقْرِنِیْنَ ﴿۱۳﴾ وَاِنَّاۤ اِلٰی رَبِّنَا لَمُنْقَلِبُوْنَ ﴿۱۴﴾ وَجَعَلُوْا لَهٗ مِنْ
عِبَادِهٖ جُزْءًا ؕ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَكَفُوْرٌ مُّبِیْنٌ ﴿۱۵﴾ اَمِ اتَّخَذَ مِمَّا یَخْلُقُ
بَنٰتٍ وَّاَصْفٰىكُمْ بِالْبَنِیْنَ ﴿۱۶﴾ وَاِذَا بُشِّرَ اَحَدُهُمْ بِمَا ضَرَبَ
لِلرَّحْمٰنِ مَثَلًا ظَلَّ وَجْهُهٗ مُسْوَدًّا وَّهُوَ كَظِیْمٌ ﴿۱۷﴾ اَوَمَنْ یُّنَشَّؤُا
فِی الْحِلْیَةِ وَهُوَ فِی الْخِصَامِ غَیْرُ مُبِیْنٍ ﴿۱۸﴾ وَجَعَلُوا الْمَلٰٓئِكَةَ
الَّذِیْنَ هُمْ عِبٰدُ الرَّحْمٰنِ اِنَاثًا ؕ اَشَهِدُوْا خَلْقَهُمْ ؕ سَتُكْتَبُ
شَهَادَتُهُمْ وَیُسْـَٔلُوْنَ ﴿۱۹﴾ وَقَالُوْا لَوْ شَآءَ الرَّحْمٰنُ مَا عَبَدْنٰهُمْ ؕ
مَا لَهُمْ بِذٰلِكَ مِنْ عِلْمٍ ۗ اِنْ هُمْ اِلَّا یَخْرُصُوْنَ ﴿۲۰﴾ ؕ اَمْ اٰتَیْنٰهُمْ
كِتٰبًا مِّنْ قَبْلِهٖ فَهُمْ بِهٖ مُسْتَمْسِكُوْنَ ﴿۲۱﴾ بَلْ قَالُوْۤا اِنَّا وَجَدْنَاۤ
اٰبَآءَنَا عَلٰۤی اُمَّةٍ وَّاِنَّا عَلٰۤی اٰثٰرِهِمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿۲۲﴾ وَكَذٰلِكَ مَاۤ
اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ فِیْ قَرْیَةٍ مِّنْ نَّذِیْرٍ اِلَّا قَالَ مُتْرَفُوْهَاۤ ۙ
اِنَّا وَجَدْنَاۤ اٰبَآءَنَا عَلٰۤی اُمَّةٍ وَّاِنَّا عَلٰۤی اٰثٰرِهِمْ مُّقْتَدُوْنَ ﴿۲۳﴾

۽ (اُنهيءَ الله) جنهن هر قسم جا جوڙا بڻايا ۽ اوهان لاءِ ٻيڙيون ۽ اُهي جانور بڻايائين جن تي (اوهين) چڙهو (١٢). تہ انهن جي پٺين تي سڌا ٿي ويهو وري جڏهن مٿن سنوان ٿي ويهو (تڏهن) پنهنجي پالڻهار جي نعمت ياد ڪيو ۽ چئو تہ اُهو (الله) پاڪ آهي، جنهن هيءُ اسان کي نوائي ڏنو ۽ (اسين) اُن کي (ڪڏهن) نوائڻ وارا نہ هئاسون (١٣). ۽ بيشڪ اسين پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽڻ وارا آهيون (١٤). ۽ الله لاءِ سندس ٻانهن مان اولاد مقرر ڪيائون. بيشڪ انسان پڌرو بي شڪر آهي (١٥). (الله) پنهنجيءَ مخلوقات مان (پاڻ لاءِ) ڌيئرون اختيار ڪيون ڇا ۽ اوهان کي پٽن سان چونديو اٿس (ڇا)؟ (١٦). ۽ جڏهن منجهائن ڪنهين کي اُنهيءَ شيءِ (يعني ڌيءُ جي ڄمڻ) جي خبر ڏجي جيڪا ٻاجهاري (الله) لاءِ مثال بيان ڪئي اٿس، (تڏهن) سندس منهن ڪاراٽجي ويندو آهي ۽ اُهو ڏک ڀريو هوندو آهي (١٧). جيڪو ڳهن ۾ پالجي ٿو ۽ لڙائيءَ ۾ پڌرو نہ ٿو ٿئي، اهڙي کي (الله سان ڌيءُ جي نسبت ڏين ٿا) ڇا؟ (١٨). ۽ انهن ملائڪن کي (الله جيون) ڌيئرون مقرر ڪيون اُٿن جي (پاڻ) الله جا ٻانها آهن (اهي) سندن پيدا ٿيڻ وقت حاضر هئا ڇا؟ سندين (اِها) شاهدي سگهو لکبي ۽ (هو قيامت ۾) پڇيا ويندا (١٩). ۽ چوندا آهن تہ جيڪڏهن ٻاجهارو (الله) گهري ها تہ انهن (ملائڪن) جي عبادت نہ ڪريون ها! ڪين هن (ڳالهہ) جي ڪا ڄاڻپ نہ آهي، اِهي رڳو اٽڪل هڻندا آهن (٢٠). ڪين هن (قرآن) کان اڳ ڪو ڪتاب ڏنو اٿؤن ڇا، جو انهن اُن کي چنبڙي ورتو آهي؟ (٢١). (نہ!) بلڪ چوندا آهن تہ بيشڪ اسان پنهنجن اَبن ڏاڏن کي هڪ طريقي تي ڏٺو ۽ بيشڪ اسين سندن پيرن تي سڌو هلڻ وارا آهيون (٢٢). ۽ اهڙيءَ طرح اڳ تو کان ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪو ديڄاريندڙ نہ موڪليوسون، پر ان جي عياشين (ماڻهن) چيو تہ اسان پنهنجا پيءُ ڏاڏا هڪ طريقي تي ڏٺا ۽ بيشڪ اسين انهن جي (ئي) پيرن تي پيروي ڪندڙ آهيون (٢٣).

قٰلَ اَوَلَوْ جِئْتُكُمْ بِاَهْدٰى مِمَّا وَجَدْتُّمْ عَلَيْهِ اٰبَآءَكُمْ ؕ قَالُوْٓا اِنَّا
بِمَآ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ كٰفِرُوْنَ ﴿۲۴﴾ فَانْتَقَمْنَا مِنْهُمْ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ
عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ ﴿۲۵﴾ وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهِيْمُ لِاَبِيْهِ وَقَوْمِهٖٓ اِنَّنِيْ
بَرَآءٌ مِّمَّا تَعْبُدُوْنَ ﴿۲۶﴾ اِلَّا الَّذِيْ فَطَرَنِيْ فَاِنَّهٗ سَيَهْدِيْنِ ﴿۲۷﴾ وَ
جَعَلَهَا كَلِمَةًۢ بَاقِيَةً فِيْ عَقِبِهٖ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿۲۸﴾ بَلْ مَتَّعْتُ
هٰٓؤُلَآءِ وَاٰبَآءَهُمْ حَتّٰى جَآءَهُمُ الْحَقُّ وَرَسُوْلٌ مُّبِيْنٌ ﴿۲۹﴾ وَلَمَّا
جَآءَهُمُ الْحَقُّ قَالُوْا هٰذَا سِحْرٌ وَّاِنَّا بِهٖ كٰفِرُوْنَ ﴿۳۰﴾ وَقَالُوْا لَوْلَا
نُزِّلَ هٰذَا الْقُرْاٰنُ عَلٰى رَجُلٍ مِّنَ الْقَرْيَتَيْنِ عَظِيْمٍ ﴿۳۱﴾ اَهُمْ
يَقْسِمُوْنَ رَحْمَتَ رَبِّكَ ؕ نَحْنُ قَسَمْنَا بَيْنَهُمْ مَّعِيْشَتَهُمْ فِي الْحَيٰوةِ
الدُّنْيَا وَرَفَعْنَا بَعْضَهُمْ فَوْقَ بَعْضٍ دَرَجٰتٍ لِّيَتَّخِذَ بَعْضُهُمْ
بَعْضًا سُخْرِيًّا ؕ وَرَحْمَتُ رَبِّكَ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ ﴿۳۲﴾ وَلَوْلَآ اَنْ
يَّكُوْنَ النَّاسُ اُمَّةً وَّاحِدَةً لَّجَعَلْنَا لِمَنْ يَّكْفُرُ بِالرَّحْمٰنِ
لِبُيُوْتِهِمْ سُقُفًا مِّنْ فِضَّةٍ وَّمَعَارِجَ عَلَيْهَا يَظْهَرُوْنَ ﴿۳۳﴾ وَلِبُيُوْتِهِمْ
اَبْوَابًا وَّسُرُرًا عَلَيْهَا يَتَّكِـُٔوْنَ ﴿۳۴﴾ وَزُخْرُفًا ؕ وَاِنْ كُلُّ ذٰلِكَ لَمَّا
مَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ؕ وَالْاٰخِرَةُ عِنْدَ رَبِّكَ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿۳۵﴾

(پيغمبرا كين) چيو تہ (پنهنجن ابن ڏاڏن جي پيروي كندؤ) ڇا؟ جيتوڻيڪ اوهان وٽ اُهو (دين) آندو اٿم، جنهن (دين) تي اوهان پنهنجن پيُن ڏاڏن كي ڏٺو، تنهن كان وڌيڪ سڌو رستو ڏيكاريندڙ آهي. چيائون تہ جنهن شيءِ سان اوهان كي موكليو ويو آهي تنهن جا اسين منكر آهيون (٢٤). پوءِ كائنن بدلو ورتو سون، پوءِ ڏس تون كوڙن جي پڇاڙي كيئن ٿي! (٢٥). ۽ (ياد كر) جڏهن ابراهيم پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجيءَ قوم كي چيو تہ جنهن شيءِ كي (اوهين) پوڄيندا آهيو، تنهن كان بيشڪ آءٌ بيزار آهيان (٢٦). پر جنهن مون كي پيدا كيو سو بيشڪ مون كي سگهوئي هدايت كندو (٢٧). ۽ الله سندس اولاد ۾ اها (توحيد جي كلمي جي) ڳالھ هميشہ رهائي تہ مَن اُهي (كافر) موٽن (٢٨). بلڪ اسان اِنهن ۽ سندن اَبن ڏاڏن كي آسائشو كيو تان جو وٽن سچو دين ۽ پڌرو پيغمبر (محمد ﷺ) آيو (٢٩). ۽ جنهن مهل سچو دين وٽن آيو (تنهن مهل) چيائون تہ هيءُ جادو آهي ۽ بيشڪ اسين اُن جا منكر آهيون (٣٠). ۽ چيائون تہ (هنن) ٻن ڳوٺن (مكي ۽ طائف) وارن مان كنهن وڏي ماڻهوءَ تي هيءُ قرآن ڇو نہ نازل كيو ويو؟ (٣١). اِهي تنهنجي پالڻهار جي رحمت وراهيندا آهن ڇا؟ دنيا جي حياتيءَ ۾ سندن روزي سندن وچ ۾ اسان ئي ورهائي آهي ۽ انهن مان هكڙن كي ٻين كان وڏي مرتبي وارو كيو سون تہ جيئن هكڙا ٻين كي خدمتگار كري وٺن ۽ جيكو (دنيا جو مال) گڏ كندا آهن، تنهن كان تنهنجي پالڻهار جي رحمت ڀلي آهي (٣٢). ۽ جيكڏهن ائين نہ هجي ها تہ (متان) ماڻهو هڪ ٽولي (كفر جي) ٿي وڃن تہ جيكي ٻاجهاري (الله) جو انكار كندا آهن، تن لاءِ سندن گهرن جون ڇتيون ۽ ڏاكڻيون جن تي چڙهن سي چاندي جون كريون ها (٣٣). ۽ سندن گهرن جا دروازا ۽ پلنگ جن تي ٽيڪ ڏيئي ويهن (سي بہ چانديءَ جا كريون ها) (٣٤). ۽ (ٻيا) سون (جا بہ كريون ها). ۽ اِهو سڀ كجھ رڳو دنيا جي حياتيءَ جو (ٿورو مال) متاع آهي ۽ تنهنجي پالڻهار وٽ آخرت پرهيزگارن لاءِ آهي (٣٥).

وَمَنْ يَّعْشُ عَنْ ذِكْرِ الرَّحْمٰنِ نُقَيِّضْ لَهٗ شَيْطٰنًا فَهُوَ لَهٗ قَرِيْنٌ ﴿۳۶﴾
وَاِنَّهُمْ لَيَصُدُّوْنَهُمْ عَنِ السَّبِيْلِ وَيَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿۳۷﴾
حَتّٰۤى اِذَا جَآءَنَا قَالَ يٰلَيْتَ بَيْنِيْ وَبَيْنَكَ بُعْدَ الْمَشْرِقَيْنِ
فَبِئْسَ الْقَرِيْنُ ﴿۳۸﴾ وَلَنْ يَّنْفَعَكُمُ الْيَوْمَ اِذْ ظَّلَمْتُمْ اَنَّكُمْ فِي الْعَذَابِ
مُشْتَرِكُوْنَ ﴿۳۹﴾ اَفَاَنْتَ تُسْمِعُ الصُّمَّ اَوْ تَهْدِي الْعُمْيَ وَمَنْ كَانَ
فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿۴۰﴾ فَاِمَّا نَذْهَبَنَّ بِكَ فَاِنَّا مِنْهُمْ مُّنْتَقِمُوْنَ ﴿۴۱﴾ لا
اَوْ نُرِيَنَّكَ الَّذِيْ وَعَدْنٰهُمْ فَاِنَّا عَلَيْهِمْ مُّقْتَدِرُوْنَ ﴿۴۲﴾ فَاسْتَمْسِكْ
بِالَّذِيْۤ اُوْحِيَ اِلَيْكَ ۚ اِنَّكَ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۴۳﴾ وَاِنَّهٗ لَذِكْرٌ
لَّكَ وَلِقَوْمِكَ ۚ وَسَوْفَ تُسْـَٔلُوْنَ ﴿۴۴﴾ وَسْـَٔلْ مَنْ اَرْسَلْنَا
مِنْ قَبْلِكَ مِنْ رُّسُلِنَاۤ اَجَعَلْنَا مِنْ دُوْنِ الرَّحْمٰنِ اٰلِهَةً
يُّعْبَدُوْنَ ﴿۴۵﴾ ع وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى بِاٰيٰتِنَاۤ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ
فَقَالَ اِنِّيْ رَسُوْلُ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۴۶﴾ فَلَمَّا جَآءَهُمْ بِاٰيٰتِنَاۤ اِذَا هُمْ
مِّنْهَا يَضْحَكُوْنَ ﴿۴۷﴾ وَمَا نُرِيْهِمْ مِّنْ اٰيَةٍ اِلَّا هِيَ اَكْبَرُ مِنْ اُخْتِهَا ۫ وَ
اَخَذْنٰهُمْ بِالْعَذَابِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿۴۸﴾ وَقَالُوْا يٰۤاَيُّهَ
السّٰحِرُ ادْعُ لَنَا رَبَّكَ بِمَا عَهِدَ عِنْدَكَ ۚ اِنَّنَا لَمُهْتَدُوْنَ ﴿۴۹﴾

۽ جيڪو ٻاجهاري (الله) جي ياد ڪرڻ کان غافل ٿيندو آهي، تنهن لاءِ هڪ شيطان مقرر ڪندا آهيون، جو اُهو ان جو سنگتي هوندو آهي (٣٦). ۽ بيشڪ اهي (شيطان) انهن کي (سڌيءَ) واٽ کان جهليندا آهن ۽ (ماڻهو پاڻ) ڀانئيندا آهن ته اُهي هدايت وارا آهن (٣٧). تان جو جڏهن اسان وٽ ايندو (تڏهن پنهنجي سنگتيءَ شيطان کي) چوندو ته هئي افسوس! (جيڪر) منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ اوڀر اولھ جيتري ڏورائي هجي ها جو (تنهنجي) سنگت بڇڙي آهي (٣٨). ۽ (چوندا سون ته) چونڪ ظلم ڪيو اٿوَ (تنهن ڪري) اڄ اوهان کي (اها ڳالھ) اصل فائدو نه ڏيندي ته اوهين (۽ شيطان منهنجي) عذاب منجھ پاڻ ۾ ڀائيوار هجو (٣٩). (اي پيغمبر!) تون ٻوڙن کي ٻڌائي ٿو سگهين ڇا؟ يا انڌن کي ۽ اُهو جيڪو پڌريءَ گمراهيءَ ۾ آهي، تنهن کي هدايت ڪري سگهين ٿو ڇا؟ (٤٠). پوءِ جيڪڏهن توکي (هن جهان مان) نيون ته بيشڪ اسين (اتي ئي) کائنن بدلو وٺڻ وارا آهيون (٤١). يا جيڪو کين انجام ڏنو اٿون سو توکي ڏيکاريون ته ٻه بيشڪ اسين مٿن وسوارا آهيون (٤٢). تنهن ڪري جيڪي تو ڏانهن وحي ڪيو ويو، تنهن کي تون چنبڙي وٺ، بيشڪ تون سڌيءَ واٽ تي آهين (٤٣). ۽ بيشڪ اهو (قرآن) تو لاءِ ۽ تنهنجيءَ قوم لاءِ نصيحت آهي ۽ (اوهين) سگهوئي پڇيا ويندؤ (٤٤). ۽ پنهنجن پيغمبرن مان جيڪي توکان اڳ موڪليا هئا سون تن جو (احوال) پڇ ته ٻاجهاري (الله) کان سواءِ (ڪي) ٻيا معبود بڻايا هئا سون ڇا جن جي پوڄا ڪئي وڃي؟ (٤٥). ۽ بيشڪ موسىٰ کي پنهنجين نشانين سان فرعون ۽ سندس سردارن ڏانهن موڪليو سون، پوءِ چيائين ته بيشڪ آءٌ جهانن جي پالڻهار جو موڪليل آهيان (٤٦). پوءِ جنهن مهل وٽن اسان جي نشانين سان آيو (تنهن مهل) اوچتو اُهي اُنهن (معجزن) کان کلندا رهيا (٤٧). ۽ ڪابہ نشاني کين نه ٿي ڏيکاري سون پر اُها (نشاني) اُن جي اڳين کان تمام وڏي هئي ۽ کين عذاب سان پڪڙيو سون ته مَنَ اُهي (ڪفر کان) موٽن (٤٨). ۽ چيائون ته اي جادوگر! پنهنجي پالڻهار کان اسان لاءِ اُنهيءَ (وسيلي) سان دعا گهر، جنهن جو توسان انجام ڪيو اٿس، ته بيشڪ اسين هدايت وارا ٿيندا سون (٤٩).

فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُمُ الْعَذَابَ اِذَا هُمْ يَنْكُثُوْنَ ﴿۵۰﴾ وَنَادٰى فِرْعَوْنُ
فِىْ قَوْمِهٖ قَالَ يٰقَوْمِ اَلَيْسَ لِىْ مُلْكُ مِصْرَ وَهٰذِهِ الْاَنْهٰرُ
تَجْرِىْ مِنْ تَحْتِىْ ۚ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ ﴿۵۱﴾ اَمْ اَنَا خَيْرٌ مِّنْ هٰذَا الَّذِىْ هُوَ
مَهِيْنٌ ۙ وَّلَا يَكَادُ يُبِيْنُ ﴿۵۲﴾ فَلَوْلَآ اُلْقِىَ عَلَيْهِ اَسْوِرَةٌ مِّنْ ذَهَبٍ
اَوْ جَآءَ مَعَهُ الْمَلٰٓئِكَةُ مُقْتَرِنِيْنَ ﴿۵۳﴾ فَاسْتَخَفَّ قَوْمَهٗ فَاَطَاعُوْهُ ؕ
اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿۵۴﴾ فَلَمَّآ اٰسَفُوْنَا انْتَقَمْنَا مِنْهُمْ فَاَغْرَقْنٰهُمْ
اَجْمَعِيْنَ ﴿۵۵﴾ ۙ فَجَعَلْنٰهُمْ سَلَفًا وَّمَثَلًا لِّلْاٰخِرِيْنَ ﴿۵۶﴾ ع وَلَمَّا ضُرِبَ
ابْنُ مَرْيَمَ مَثَلًا اِذَا قَوْمُكَ مِنْهُ يَصِدُّوْنَ ﴿۵۷﴾ وَقَالُوْٓا ءَاٰلِهَتُنَا خَيْرٌ
اَمْ هُوَ ؕ مَا ضَرَبُوْهُ لَكَ اِلَّا جَدَلًا ؕ بَلْ هُمْ قَوْمٌ خَصِمُوْنَ ﴿۵۸﴾ اِنْ هُوَ
اِلَّا عَبْدٌ اَنْعَمْنَا عَلَيْهِ وَجَعَلْنٰهُ مَثَلًا لِّبَنِىْٓ اِسْرَآءِيْلَ ؕ ﴿۵۹﴾ وَلَوْ
نَشَآءُ لَجَعَلْنَا مِنْكُمْ مَّلٰٓئِكَةً فِى الْاَرْضِ يَخْلُفُوْنَ ﴿۶۰﴾ وَاِنَّهٗ لَعِلْمٌ
لِّلسَّاعَةِ فَلَا تَمْتَرُنَّ بِهَا وَاتَّبِعُوْنِ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿۶۱﴾
وَلَا يَصُدَّنَّكُمُ الشَّيْطٰنُ ۚ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿۶۲﴾ وَ
لَمَّا جَآءَ عِيْسٰى بِالْبَيِّنٰتِ قَالَ قَدْ جِئْتُكُمْ بِالْحِكْمَةِ وَلِاُبَيِّنَ
لَكُمْ بَعْضَ الَّذِىْ تَخْتَلِفُوْنَ فِيْهِ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿۶۳﴾

پوءِ جنهن مهل ڪانئن عذاب لاٿو سون (تنهن مهل) اُهي اُتي ئي (قول) ڀڃيندا رهيا (٥٠). ۽ فرعون پنهنجيءَ قوم ۾ پڙهو ڏنو، چيائين ته اي منهنجي قوم! مصر جي بادشاهي منهنجي نه آهي ڇا؟ ۽ هي نهرون منهنجي (ماڙين جي) هيٺان (نه) وهنديون آهن ڇا؟ اوهين نه ڏسندا آهيو ڇا؟ (٥١). (نه!) بلڪ آءٌ هن (موسيٰ) کان ڀلو آهيان، جيڪو خسيس آهي ۽ چٽو ڳالهائي به نٿو سگهي (٥٢). پوءِ مٿس سونَ جا ڪنگڻ ڇو نه لاٿا ويا يا ساڻس گڏ تي ملائڪ ڇو نه آيا؟ (٥٣). پوءِ پنهنجيءَ قوم کي بيوقوف بڻايائين، (تنهن ڪري) فرمانبرداري ڪيائونس، بيشڪ اُهي بي دين قوم هئا (٥٤). پوءِ جڏهن اسان کي ڪاوڙايائون (تڏهن) ڪانئن وير ورتو سون، پوءِ انهن سڀني کي ٻوڙيو سون (٥٥). پوءِ ڪين (ڪافرن جو) اڳواڻ ۽ پوين لاءِ آکاڻي ڪيو سون (٥٦). ۽ جڏهن مريم جي پٽ جو قصو بيان ڪيو ويو (تڏهن) اما لڪ اُن (قصي) کان تنهنجي قوم لُڙُ مچائيندي آهي (٥٧). ۽ (اُهي) چوندا آهن ته اسان جا معبود ڀلا آهن يا اهو (عيسيٰ)؟، اهو مثال تو سان رڳو جهيڙي لاءِ بيان ڪندا آهن، بلڪ اهي جهيڙاڪ قوم آهن (٥٨). اهو (عيسيٰ) رڳو ٻانهو آهي، جنهن تي نعمت ڪئي اٿؤن ۽ بني اسرائيلن لاءِ کيس (هڪ) عبرت ڪئي سون (٥٩). ۽ جيڪڏهن گهرون ها ته اوهان جي بدران زمين ۾ ملائڪن کي نائب ڪريون ها (٦٠). ۽ بيشڪ اهو (عيسيٰ) قيامت جي هڪ نشاني آهي، پوءِ اوهين قيامت ۾ شڪ نه ڪريو ۽ (اي پيغمبر! چؤ ته) منهنجي تابعداري ڪريو (جو) اها سڌي واٽ آهي (٦١). ۽ اوهان کي شيطان نه جهلي، ڇو ته اُهو اوهان جو پڌرو ويري آهي (٦٢). ۽ جنهن مهل عيسيٰ چٽن معجزن سان آيو، (تنهن مهل) چيائين ته اوهان وٽ حڪمت آندي اٿم ۽ (آيو آهيان) ته جن ڳالهين ۾ اختلاف ڪندا آهيو، تن مان ڪي اوهان لاءِ بيان ڪريان، پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃيو (٦٣).

اِنَّ اللّٰهَ هُوَ رَبِّيْ وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿۶۴﴾

فَاخْتَلَفَ الْاَحْزَابُ مِنْۢ بَيْنِهِمْ ۚ فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْ

عَذَابِ يَوْمٍ اَلِيْمٍ ﴿۶۵﴾ هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا السَّاعَةَ اَنْ تَاْتِيَهُمْ

بَغْتَةً وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿۶۶﴾ اَلْاَخِلَّآءُ يَوْمَئِذٍۢ بَعْضُهُمْ لِبَعْضٍ

عَدُوٌّ اِلَّا الْمُتَّقِيْنَ ﴿۶۷﴾ؑ يٰعِبَادِ لَا خَوْفٌ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ وَلَاۤ اَنْتُمْ

تَحْزَنُوْنَ ﴿۶۸﴾ ۚ اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوْا مُسْلِمِيْنَ ﴿۶۹﴾ؗ اُدْخُلُوا

الْجَنَّةَ اَنْتُمْ وَاَزْوَاجُكُمْ تُحْبَرُوْنَ ﴿۷۰﴾ يُطَافُ عَلَيْهِمْ بِصِحَافٍ

مِّنْ ذَهَبٍ وَّاَكْوَابٍ ۚ وَفِيْهَا مَا تَشْتَهِيْهِ الْاَنْفُسُ وَتَلَذُّ

الْاَعْيُنُ ۚ وَاَنْتُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۷۱﴾ؗ وَتِلْكَ الْجَنَّةُ الَّتِيْۤ اُوْرِثْتُمُوْهَا

بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۷۲﴾ لَكُمْ فِيْهَا فَاكِهَةٌ كَثِيْرَةٌ مِّنْهَا

تَاْكُلُوْنَ ﴿۷۳﴾ اِنَّ الْمُجْرِمِيْنَ فِيْ عَذَابِ جَهَنَّمَ خٰلِدُوْنَ ﴿۷۴﴾ ۚ

لَا يُفَتَّرُ عَنْهُمْ وَهُمْ فِيْهِ مُبْلِسُوْنَ ﴿۷۵﴾ ۚ وَمَا ظَلَمْنٰهُمْ وَ

لٰكِنْ كَانُوْا هُمُ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۷۶﴾ وَنَادَوْا يٰمٰلِكُ لِيَقْضِ عَلَيْنَا

رَبُّكَ ؕ قَالَ اِنَّكُمْ مّٰكِثُوْنَ ﴿۷۷﴾ لَقَدْ جِئْنٰكُمْ بِالْحَقِّ وَلٰكِنَّ

اَكْثَرَكُمْ لِلْحَقِّ كٰرِهُوْنَ ﴿۷۸﴾ اَمْ اَبْرَمُوْۤا اَمْرًا فَاِنَّا مُبْرِمُوْنَ ﴿۷۹﴾ ۚ

بيشڪ الله ئي منهنجو پالڻهار ۽ اوهان جو پالڻهار آهي، تنهن ڪري سنديس عبادت ڪريو، اها سڌي واٽ آهي (٦٤). پوءِ جماعتن پاڻ ۾ اختلاف ڪيو، تنهن ڪري ڏکوئيندڙ ڏينهن جي عذاب کان ظالمن لاءِ ويل آهي (٦٥). (اُهي) رڳو قيامت (جي اچڻ) جو انتظا ڪندا آهن ته اوچتو وٽن اچي ۽ اُهي بي خبر هجن (٦٦). اُنهيءَ ڏينهن پرهيزگارن کان سواءِ (ٻيا) سڀيئي دوست هڪ ٻئي جا دشمن هوندا (٦٧). (چيو ويندو ته) اي منهنجا ٻانهؤ! اڄ اوهان کي نڪو ڀؤ آهي ۽ نڪي اوهين غمگين ٿيو (٦٨). جن اسان جي آيتن تي ايمان آندو ۽ مسلمان هئا (٦٩). (تن کي چيو ويندو ته) اوهين ۽ اوهان جيون زالون بهشت ۾ گهڙو (اتي ڏاڍا) خوش ٿيندؤ (٧٠). مٿن سون جيون پليٽون ۽ پيالا ڦيرائبا ۽ جيڪي دليون گهرنديون ۽ (جنهن جي ڏسڻ کان) اکيون ٺرنديون سو منجهس هوندو ۽ اوهين منجهس سدائين رهندؤ (٧١). ۽ هيءُ اُهو بهشت آهي، جنهن جو اوهان کي اِنهيءَ سببان وارث ڪيو ويو جو اوهين (چڱا) ڪم ڪندا هيؤ (٧٢). منجهس اوهان لاءِ گهڻا ميوا آهن، جن منجهان ٻيا کائيندؤ (٧٣). بيشڪ ڏوهي دوزخ جي عذاب ۾ سدائين رهڻ وارا آهن (٧٤). کانئن (عذاب) هلڪو نہ ڪبو ۽ اُهي منجهس نااميد (ٿي چپ) رهندا (٧٥). ۽ مٿن ظلم نہ ڪيوسون ۽ اُهي (پاڻ ئي) ظالم هئا (٧٦). ۽ (دوزخ جي دربان کي) سڏيندا تہ اي مالڪ! ڀل تہ تنهنجو پالڻهار اسان تي (موت جو) حڪم ڪري (تہ عذاب کان ڇٽون)- (مالڪ) چوندو تہ بيشڪ اوهين هميشہ رهڻ وارا آهيو (٧٧). بيشڪ اوهان وٽ سچو دين آندو سون، پر اوهان مان گهڻا سچيءَ ڳالهہ کي ناپسند ڪرڻ وارا آهن (٧٨). (ڪافرن بہ) ڪنهن ڪم جي رٿ رٿي آهي ڇا؟ پوءِ بيشڪ اسين بہ پڪي رٿ رٿيندڙ آهيون (٧٩).

اَمْ يَحْسَبُوْنَ اَنَّا لَا نَسْمَعُ سِرَّهُمْ وَنَجْوٰىهُمْ ؕ بَلٰى وَرُسُلُنَا لَدَيْهِمْ
يَكْتُبُوْنَ ۝۸۰ قُلْ اِنْ كَانَ لِلرَّحْمٰنِ وَلَدٌ ۖ فَاَنَا اَوَّلُ الْعٰبِدِيْنَ ۝۸۱
سُبْحٰنَ رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ رَبِّ الْعَرْشِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ۝۸۲
فَذَرْهُمْ يَخُوْضُوْا وَيَلْعَبُوْا حَتّٰى يُلٰقُوْا يَوْمَهُمُ الَّذِيْ يُوْعَدُوْنَ ۝۸۳
وَهُوَ الَّذِيْ فِي السَّمَآءِ اِلٰهٌ وَّفِي الْاَرْضِ اِلٰهٌ ؕ وَهُوَ الْحَكِيْمُ
الْعَلِيْمُ ۝۸۴ وَتَبٰرَكَ الَّذِيْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ۚ
وَعِنْدَهٗ عِلْمُ السَّاعَةِ ۚ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ۝۸۵ وَلَا يَمْلِكُ الَّذِيْنَ
يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهِ الشَّفَاعَةَ اِلَّا مَنْ شَهِدَ بِالْحَقِّ وَهُمْ
يَعْلَمُوْنَ ۝۸۶ وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَهُمْ لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ فَاَنّٰى
يُؤْفَكُوْنَ ۝۸۷ لا وَقِيْلِهٖ يٰرَبِّ اِنَّ هٰۤؤُلَآءِ قَوْمٌ لَّا يُؤْمِنُوْنَ ۝۸۸
فَاصْفَحْ عَنْهُمْ وَقُلْ سَلٰمٌ ؕ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ۝۸۹ ع

## سُوْرَةُ الدُّخَانِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝
حٰمٓ ۝۱ وَالْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ۝۲ اِنَّا اَنْزَلْنٰهُ فِيْ لَيْلَةٍ مُّبٰرَكَةٍ
اِنَّا كُنَّا مُنْذِرِيْنَ ۝۳ فِيْهَا يُفْرَقُ كُلُّ اَمْرٍ حَكِيْمٍ ۝۴ لا

پانئيندا آهن ڇا تہ اسين سندين ڳجهيون ڳالهيون ۽ سندين صلاحون نہ ٻڌندا آهيون؟ (هائو ٻڌندا آهيون) ۽ اسان جا موڪليل (ملائڪ) وٽن لکندا آهن (٨٠). (تون) چئو تہ، جيڪڏهن ٻاجهاري (الله) کي ڪو ٻار هجي ها تہ آءٌ (سڀ کان) پهريون (اُن الله جي) عبادت ڪندڙ آهيان (۽ اهڙي عقيدي جو منڪر آهيان) (٨١). (اهي) جيڪي بيان ڪندا آهن، تنهن کان آسمانن ۽ زمين جو رب عرش جو مالڪ پاڪ آهي (٨٢). پوءِ کين ڇڏ تہ (ايسين ڪوڙين ڳالهين ۾) ٻڪ ڪن ۽ راند ڪن جيسين پنهنجي اُنهيءَ ڏينهن کي ملن جنهن جو کين انجام ڏجي ٿو (٨٣). ۽ (الله) اُهو آهي، جيڪو آسمانن ۾ (بہ) معبود آهي ۽ زمين ۾ (بہ) معبود آهي ۽ اهو حڪمت وارو ڄاڻندڙ آهي (٨٤). ۽ اُهو وڏيءَ برڪت وارو آهي، جنهن جي آسمانن ۽ زمين جي ۽ جيڪي اُنهن جي وچ ۾ آهي تنهن جي بادشاهت آهي، وٽس ئي قيامت (جي اچڻ) جي خبر آهي ۽ ڏانهس ئي موٽائبؤ (٨٥). ۽ (ڪافر) جن (بتن) کي الله کان سواءِ سڏيندا آهن، سي شفاعت ڪري نہ سگهندا آهن، پر اُهي جن (دين جي) سچي شاهدي ڏني هوندي ۽ اُهي (اُن جي حقيقت) ڄاڻندا آهن، (اُهي شفاعت ڪندا) (٨٦). ۽ جيڪڏهن کانئن پڇين تہ کين ڪنهن خلقيو آهي؟ تہ ضرور چوندا تہ الله (خلقيو آهي) پوءِ ڪيڏانهن ڦيرايا ويندا آهن؟ (٨٧). ۽ (قسم آهي) پيغمبر جي اِنهيءَ چوڻ تي تہ اي منهنجا پالڻهار! بيشڪ هيءُ اهڙي قوم آهن جو (ڪنهين طرح) ايمان نہ ٿا آڻين (اسين کين سندين هٺيلپ جي سزا ڏيندا سون) (٨٨). (فرمايو سون) تہ کانئن منهن موڙ ۽ (موڪلائڻيءَ جو) سلام چؤ، پوءِ سگهوئي ڄاڻندا (٨٩).

**سورة دخان مڪي آهي ۽ هن ۾ اٺهٺ آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.**

**الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)**

حٰمۗ (١). (هن) پڌري ڪتاب جو قسم آهي (٢). تہ بيشڪ اسان هن (ڪتاب) کي برڪت واريءَ رات ۾ لاٿو، بيشڪ اسين ڊيڄاريندڙ هئاسون (٣). اُن (برڪت واريءَ رات) ۾ سيڪو ڪم حڪمت وارو (لوح محفوظ کان) جدا ڪبو آهي (٤).

أَمْرًا مِّنْ عِنْدِنَا ۚ إِنَّا كُنَّا مُرْسِلِينَ ۝۵ رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ ۚ إِنَّهٗ
هُوَ السَّمِيعُ الْعَلِيمُ ۝۶ رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ۘ إِنْ
كُنْتُمْ مُّوقِنِينَ ۝۷ لَآ إِلٰهَ إِلَّا هُوَ يُحْيٖ وَيُمِيتُ ۖ رَبُّكُمْ وَرَبُّ اٰبَآئِكُمُ
الْأَوَّلِينَ ۝۸ بَلْ هُمْ فِي شَكٍّ يَّلْعَبُونَ ۝۹ فَارْتَقِبْ يَوْمَ تَأْتِي السَّمَآءُ
بِدُخَانٍ مُّبِينٍ ۝۱۰ يَّغْشَى النَّاسَ ۖ هٰذَا عَذَابٌ أَلِيمٌ ۝۱۱ رَبَّنَا اكْشِفْ
عَنَّا الْعَذَابَ إِنَّا مُؤْمِنُونَ ۝۱۲ أَنّٰى لَهُمُ الذِّكْرٰى وَقَدْ جَآءَهُمْ
رَسُولٌ مُّبِينٌ ۝۱۳ ثُمَّ تَوَلَّوْا عَنْهُ وَقَالُوا مُعَلَّمٌ مَّجْنُونٌ ۝۱۴ إِنَّا
كَاشِفُوا الْعَذَابِ قَلِيلًا إِنَّكُمْ عَآئِدُونَ ۝۱۵ يَوْمَ نَبْطِشُ الْبَطْشَةَ
الْكُبْرٰى ۚ إِنَّا مُنْتَقِمُونَ ۝۱۶ وَلَقَدْ فَتَنَّا قَبْلَهُمْ قَوْمَ فِرْعَوْنَ وَ
جَآءَهُمْ رَسُولٌ كَرِيمٌ ۝۱۷ أَنْ أَدُّوا إِلَيَّ عِبَادَ اللّٰهِ ۖ إِنِّي لَكُمْ رَسُولٌ
أَمِينٌ ۝۱۸ وَّأَنْ لَّا تَعْلُوا عَلَى اللّٰهِ ۖ إِنِّي اٰتِيكُمْ بِسُلْطٰنٍ مُّبِينٍ ۝۱۹ وَإِنِّي
عُذْتُ بِرَبِّي وَرَبِّكُمْ أَنْ تَرْجُمُونِ ۝۲۰ وَإِنْ لَّمْ تُؤْمِنُوا لِي فَاعْتَزِلُونِ ۝۲۱
فَدَعَا رَبَّهٗ أَنَّ هٰٓؤُلَآءِ قَوْمٌ مُّجْرِمُونَ ۝۲۲ فَأَسْرِ بِعِبَادِي لَيْلًا
إِنَّكُمْ مُّتَّبَعُونَ ۝۲۳ وَاتْرُكِ الْبَحْرَ رَهْوًا ۖ إِنَّهُمْ جُنْدٌ مُّغْرَقُونَ ۝۲۴
كَمْ تَرَكُوا مِنْ جَنّٰتٍ وَّعُيُونٍ ۝۲۵ وَّزُرُوعٍ وَّمَقَامٍ كَرِيمٍ ۝۲۶

(اهو) پاڻ وٽان (پنهنجي خاص) حڪم سان (ائين ڪبو آهي)۔ بيشڪ اسين (ئي پيغمبر ڪي) موڪلڻ وارا هئاسون (٥). تنهنجي پالڻهار جي ٻاجھ سبب۔ بيشڪ اُهو ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٦). (جو) آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪي اُنهن جي وچ ۾ آهي تنهن جو پالڻهار آهي۔ جيڪڏهن اوهين يروسو ڪندڙ آهيو (ته يروسو ڪريو) (٧). اُن ڪان سواءِ (ٻيو) ڪوبہ عبادت جو لائق نہ آهي (جو) جيارينڌو آهي ۽ مارينڌوآهي۔ (اُهو ئي) اوهان جو پالڻهار ۽ اوهان جي اڳين پين ڏاڏن جو پالڻهار آهي (٨). بلڪ ڪافر (قيامت ڪان) شڪ ۾ ڪيڏي رهيا آهن (٩). پوءِ جنهن ڏينهن آسمان پڌرو دونهون آڻيندو (تنهن ڏينهن جو) تون انتظار ڪر (١٠). جو ماڻهن کي ويڙهي ويندو، (چوندا ته) هيءُ ڏکائيندڙ عذاب آهي (١١). اي اسان جا پالڻهار! اسان ڪان اهو عذاب ٽار (جو) بيشڪ اسين مسلمان ٿيون ٿا (١٢). ڪين اها نصيحت ڪيئن (مفيد) ٿيندي! حالانڪ بيشڪ وٽن پڌرو پيغمبر آيو هو (١٣). وري ڪانئس منهن موڙيائون ۽ چيائون (ٿي) ته (هيءُ) ماڻهو سيکاريل (۽) چريو آهي (١٤). بيشڪ اسين ٿورو (وقت) عذاب ٽارڻ وارا آهيون، بيشڪ اوهين (وري ڪفر ۾) ڦرڻ وارا آهيو (١٥). جنهن ڏينهن تمام وڏي پڪڙ ڪندا سون، (تنهن ڏينهن) بيشڪ! اسين بدلو وٺڻ وارا آهيون (١٦). ۽ بيشڪ ڪانئن اڳ فرعون جي قوم جي آزمائش ڪئي سون ۽ وٽن (هن ڳالھ سان) سڳورو پيغمبر آيو (١٧). تہ الله جي ٻانهن کي منهنجي حوالي ڪريو، بيشڪ آءٌ اوهان وٽ امانت دار پيغمبر (آيو) آهيان (١٨). ۽ (چوڻ آيو آهيان) تہ الله جي آڏو هٺ نہ ڪريو، بيشڪ آءٌ اوهان وٽ پڌري حجت سان آيو آهيان (١٩). ۽ بيشڪ مون پنهنجي پالڻهار ۽ اوهان جي پالڻهار جي پناه ورتي تہ (متان) مون کي پٿرن سان ماريو (٢٠). ۽ جيڪڏهن مون تي ايمان نہ آڻيو تہ مون کان پاسو ڪريو (٢١). پوءِ پنهنجي پالڻهار کي سڏيائين تہ هيءُ ڏوهاري قوم آهن (٢٢). پوءِ (حڪم ڪيو سون تہ) منهنجن ٻانهن کي راتو رات وٺي نڪر جو اوهانجي پٺيان پوندا (٢٣). ۽ (تون) سمنڊ کي سڪل ڇڏ۔ بيشڪ اُهي ٻڏڻ وارو لشڪر آهن (٢٤). گهڻائي باغ ۽ چشما ڇڏيائون (٢٥). ۽ پوکون ۽ ڀليون جايون (بہ) (٢٦).

وَّنَعْمَةٍ كَانُوْا فِيْهَا فٰكِهِيْنَ ۲۷ كَذٰلِكَ وَاَوْرَثْنٰهَا قَوْمًا اٰخَرِيْنَ ۲۸
فَمَا بَكَتْ عَلَيْهِمُ السَّمَآءُ وَالْاَرْضُ وَمَا كَانُوْا مُنْظَرِيْنَ ۲۹ وَلَقَدْ
نَجَّيْنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ مِنَ الْعَذَابِ الْمُهِيْنِ ۳۰ مِنْ فِرْعَوْنَ اِنَّهٗ
كَانَ عَالِيًا مِّنَ الْمُسْرِفِيْنَ ۳۱ وَلَقَدِ اخْتَرْنٰهُمْ عَلٰى عِلْمٍ عَلَى
الْعٰلَمِيْنَ ۳۲ وَاٰتَيْنٰهُمْ مِّنَ الْاٰيٰتِ مَا فِيْهِ بَلٰٓؤٌا مُّبِيْنٌ ۳۳ اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ
لَيَقُوْلُوْنَ ۳۴ اِنْ هِيَ اِلَّا مَوْتَتُنَا الْاُوْلٰى وَمَا نَحْنُ بِمُنْشَرِيْنَ ۳۵
فَاْتُوْا بِاٰبَآئِنَآ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ۳۶ اَهُمْ خَيْرٌ اَمْ قَوْمُ تُبَّعٍ وَّ
الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ اَهْلَكْنٰهُمْ اِنَّهُمْ كَانُوْا مُجْرِمِيْنَ ۳۷ وَمَا
خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا لٰعِبِيْنَ ۳۸ مَا خَلَقْنٰهُمَآ اِلَّا
بِالْحَقِّ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ۳۹ اِنَّ يَوْمَ الْفَصْلِ
مِيْقَاتُهُمْ اَجْمَعِيْنَ ۴۰ يَوْمَ لَا يُغْنِيْ مَوْلًى عَنْ مَّوْلًى شَيْـًٔا وَّلَا
هُمْ يُنْصَرُوْنَ ۴۱ اِلَّا مَنْ رَّحِمَ اللّٰهُ اِنَّهٗ هُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ۴۲
اِنَّ شَجَرَتَ الزَّقُّوْمِ ۴۳ طَعَامُ الْاَثِيْمِ ۴۴ كَالْمُهْلِ يَغْلِيْ
فِي الْبُطُوْنِ ۴۵ كَغَلْيِ الْحَمِيْمِ ۴۶ خُذُوْهُ فَاعْتِلُوْهُ اِلٰى سَوَآءِ
الْجَحِيْمِ ۴۷ ثُمَّ صُبُّوْا فَوْقَ رَاْسِهٖ مِنْ عَذَابِ الْحَمِيْمِ ۴۸

۽ اُهي نعمتون (بہ) جنهن ۾ مزا ماڻيندا هئا (٢٧). اهڙيءَ طرح (اٿئي)، ۽ ٻيءَ قوم کي انهن (شين) جو وارث ڪيو سون (٢٨). پوءِ مٿن آسمان ۽ زمين نہ رنو ۽ نڪي اُنهن کي مهلت ڏني ويئي (٢٩). ۽ بيشڪ بني اسرائيلن کي خوار ڪندڙ عذاب کان بچايو سون (٣٠). جو فرعون کان (پهچندو) هون، بيشڪ اهو هنيلو حد کان لنگهندڙن مان هو (٣١). ۽ بيشڪ بني اسرائيلن کي ڄاڻي واڻي (ساري) جهان وارن کان پسند ڪيو سون (٣٢). ۽ کين اُهي معجزا ڏنا سون جن ۾ پڌري آزمائش هئي (٣٣). بيشڪ اِهي (مشرڪ) چوندا آهن (٣٤). تہ (اسان جي پڇاڙي) رڳو اسان جو (هيءُ) پهريون موت آهي ۽ اسين وري نہ اُٿاربا سون (٣٥). جيڪڏهن اوهين سچا آهيو تہ اسان جي ابن ڏاڏن کي (جياري) آڻيو (٣٦). اهي ڀلا آهن يا تبَع (حميري) جي قوم ۽ جيڪي کانئن اڳ هئا سي؟ اُنهن (سڀني) کي ناس ڪيو سون، بيشڪ اهي ڏوهاري هئا (٣٧). ۽ آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي سو راند ڪري نہ بڻايو سون (٣٨). اِنهن کي پوريءَ رٿ کان سواءِ نہ بڻايو سون، پر انهن مان گهڻا نہ ڄاڻندا آهن (٣٩). بيشڪ اِنهن مڙني جو انجام نبيري جو ڏينهن آهي (٤٠). جنهن ڏينهن ڪوبہ دوست ڪنهن دوست کان ڪجهہ بہ (عذاب) نہ ٽاريندو ۽ نڪي کين مدد ڏبي (٤١). سواءِ انهيءَ جي جنهن تي الله رحم ڪيو. بيشڪ الله ئي غالب مهربان آهي (٤٢). بيشڪ ٿوهر جو وڻ (٤٣). گنگهار جو کاڄ آهي (٤٤). پگهريل ٽامي جيان، پيٽن ۾ ٽهڪندو (٤٥). تتل پاڻي جي ٽهڪڻ وانگر (٤٦). (ملائڪن کي چوندا سون تہ) هن (ڏوهيءَ) کي پڪڙيو ۽ دوزخ جي وچ ڏانهن گهليوس (٤٧). وري مٿي تي تتل پاڻي هاريوس جو (اِهو) عذاب (اٿس) (٤٨).

ذُقْ ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْكَرِيْمُ ﴿۴۹﴾ اِنَّ هٰذَا مَا كُنْتُمْ بِهٖ
تَمْتَرُوْنَ ﴿۵۰﴾ اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ مَقَامٍ اَمِيْنٍ ﴿۵۱﴾ فِيْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ﴿۵۲﴾
يَّلْبَسُوْنَ مِنْ سُنْدُسٍ وَّاِسْتَبْرَقٍ مُّتَقٰبِلِيْنَ ﴿۵۳﴾ كَذٰلِكَ وَزَوَّجْنٰهُمْ
بِحُوْرٍ عِيْنٍ ﴿۵۴﴾ يَدْعُوْنَ فِيْهَا بِكُلِّ فَاكِهَةٍ اٰمِنِيْنَ ﴿۵۵﴾ لَا يَذُوْقُوْنَ
فِيْهَا الْمَوْتَ اِلَّا الْمَوْتَةَ الْاُوْلٰى ۚ وَوَقٰهُمْ عَذَابَ الْجَحِيْمِ ﴿۵۶﴾
فَضْلًا مِّنْ رَّبِّكَ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿۵۷﴾ فَاِنَّمَا يَسَّرْنٰهُ
بِلِسَانِكَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿۵۸﴾ فَارْتَقِبْ اِنَّهُمْ مُّرْتَقِبُوْنَ ﴿۵۹﴾

## سُوْرَةُ الْجَاثِيَةِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

حٰمٓ ﴿۱﴾ تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ ﴿۲﴾ اِنَّ فِي السَّمٰوٰتِ
وَالْاَرْضِ لَاٰيٰتٍ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۳﴾ وَفِيْ خَلْقِكُمْ وَمَا يَبُثُّ مِنْ دَآبَّةٍ
اٰيٰتٌ لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿۴﴾ وَاخْتِلَافِ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَمَآ اَنْزَلَ
اللّٰهُ مِنَ السَّمَآءِ مِنْ رِّزْقٍ فَاَحْيَا بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا وَ
تَصْرِيْفِ الرِّيٰحِ اٰيٰتٌ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿۵﴾ تِلْكَ اٰيٰتُ اللّٰهِ نَتْلُوْهَا
عَلَيْكَ بِالْحَقِّ ۚ فَبِاَيِّ حَدِيْثٍ بَعْدَ اللّٰهِ وَاٰيٰتِهٖ يُؤْمِنُوْنَ ﴿۶﴾

(ڇئبس تہ اها سزا) چڪ، ڇو تہ تون (پنهنجي گمان ۾) سگهارو مانوارو آهين (۴٩). بيشڪ هيءُ اُهو عذاب آهي، جنهن ۾ اوهين شڪ ڪندا هيؤ (٥٠). بيشڪ پرهيزگار امن واريءَ جاءِ ۾ هوندا (٥١). باغن ۽ چشمن ۾ (٥٢). سنهي پٽ جا (ڪپڙا) ۽ ٿلهي پٽ جا (ڪپڙا)، هڪ ٻئي جي آمهون سامهون تي ويٺل هوندا (٥٣). (سندن حال) ائين هوندو. ۽ کين وڏين (سهڻين) اکين واريون حورون پرڻائيندا سون (٥۴). منجهس سڀڪو ميوو بي فڪرا تي گهرندا (٥٥). پهرين موت کان سواءِ (جو دنيا ۾ مري چڪا) اتي (ٻيو) موت نہ چکندا ۽ (الله) کين دوزخ جي عذاب کان بچايو (٥٦). تنهنجي پالڻهار جي فضل سبب۔ اِها ئي وڏي مراد ماڻڻ آهي (٥٧). قرآن کي تہ تنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ آسان ڪيو سون تہ منَ اُهي نصيحت وٺن (٥٨).پوءِ (تون) انتظار ڪر، بيشڪ اُهي بہ انتظار ڪرڻ وارا آهن (٥٩).

**سورة جا ثية مڪي آهي ۽ هن ۾ سٺتيھ آيتون ۽ چار رڪوع آهن.**

**الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)**

حمر (١). (هن) ڪتاب جو لاهڻ الله غالب حڪمت واري (جي طرف) کان آهي (٢). بيشڪ آسمانن ۽ زمين ۾ ايمان وارن لاءِ (ڪيئون) نشانيون آهن (٣). ۽ اوهان جي بڻائڻ ۾ ۽ جيڪي چرندڙن مان پکيڙي ٿو تنهن (جي بڻائڻ) ۾ انهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن، جيڪي يقين رکندا آهن (۴). ۽ رات ۽ ڏينهن جي ڦيرگهير ۾ ۽ جيڪي الله آسمان کان روزي نازل ڪئي، پوءِ اُن سببان زمين کي سندس غيرآباديءَ کان پوءِ آباد ڪيائين، تنهن ۾ ۽ وائن جي هلائڻ ۾ انهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن، جيڪي سمجهہ رکندا آهن (٥). اهي الله جون آيتون آهن، جي توکي سچ سان پڙهي ٻڌايون ٿا، پوءِ (هاڻي) الله (جي نصيحت) ۽ سندس آيتن (جي ڇڏڻ) کان پوءِ ڪهڙيءَ ڳالهہ تي ايمان آڻيندا؟ (٦).

وَيْلٌ لِّكُلِّ اَفَّاكٍ اَثِيْمٍ ۝۷ يَّسْمَعُ اٰيٰتِ اللّٰهِ تُتْلٰى عَلَيْهِ ثُمَّ يُصِرُّ مُسْتَكْبِرًا
كَاَنْ لَّمْ يَسْمَعْهَا ۚ فَبَشِّرْهُ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ۝۸ وَاِذَا عَلِمَ مِنْ اٰيٰتِنَا شَيْـًٔا
اتَّخَذَهَا هُزُوًا ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ۝۹ ؕ مِنْ وَّرَآئِهِمْ جَهَنَّمُ ۚ
وَلَا يُغْنِيْ عَنْهُمْ مَّا كَسَبُوْا شَيْـًٔا وَّلَا مَا اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْلِيَآءَ ۚ
وَلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ۝۱۰ ؕ هٰذَا هُدًى ۚ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ لَهُمْ
عَذَابٌ مِّنْ رِّجْزٍ اَلِيْمٌ ۝۱۱ اَللّٰهُ الَّذِيْ سَخَّرَ لَكُمُ الْبَحْرَ لِتَجْرِيَ الْفُلْكُ
فِيْهِ بِاَمْرِهٖ وَلِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ۝۱۲ وَسَخَّرَ لَكُمْ مَّا
فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا مِّنْهُ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ
لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ۝۱۳ قُلْ لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يَغْفِرُوْا لِلَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ
اَيَّامَ اللّٰهِ لِيَجْزِيَ قَوْمًا بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ۝۱۴ مَنْ عَمِلَ صَالِحًا
فَلِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ اَسَآءَ فَعَلَيْهَا ؗ ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ تُرْجَعُوْنَ ۝۱۵ وَلَقَدْ
اٰتَيْنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ الْكِتٰبَ وَالْحُكْمَ وَالنُّبُوَّةَ وَرَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ
وَفَضَّلْنٰهُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ۝۱۶ ۚ وَاٰتَيْنٰهُمْ بَيِّنٰتٍ مِّنَ الْاَمْرِ ۚ فَمَا اخْتَلَفُوْٓا
اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَهُمُ الْعِلْمُ ۙ بَغْيًا بَيْنَهُمْ ؕ اِنَّ رَبَّكَ
يَقْضِيْ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ۝۱۷

هر ڪنهن ٻـتـاڪيءَ گنهگار لاءِ ويل آهي (٧). الله جون آيتون ڪيس پڙهي ٻڌائبيون آهن تہ ٻـڌندو آهي، وري آڪڙجي ضد ڪندو آهي، ڄڻڪ اُهي ٻـڌيون ئي نہ هئائين، تنهن ڪري ڪيس ڏکوئيندڙ عذاب جي خوشخبري سڻاءِ (٨). ۽ جڏهن اسان جي آيتن مان ڪنهن ڳالھ تي واقف ٿيندو آهي (تڏهن) ان کي ٺـوڪ ڪري وٺـندو آهي، انهن ئي لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي (٩). سندن پٺي طرف کان دوزخ آهي ۽ جيڪي ڪمايائون ڪي اهو ڪانئن ڪجھ ٽاري سگهندو ۽ نڪي اُهي جن کي الله ڌاران سڄڻ ڪري ورتائون (ڪانئن ٽاري سگهندا) ۽ اُنهن لاءِ وڏو عذاب آهي (١٠). هيءُ (قرآن) هدايت آهي ۽ جن پنهنجي پالڻهار جي آيتن جو انڪار ڪيو، تن کي سخت سزا جو ڏکوئيندڙ عذاب آهي (١١). الله اُهو آهي جنهن درياھ اوهان جي تابع ڪيو تہ سندس حڪم سان منجهس ٻيڙيون هلن ۽ تہ سندس فضل مان (روزي) طلب ڪيو ۽ تہ مَن اوهين شڪرانو ڪريو (١٢). ۽ جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي، سو سڀيئي پنهنجي پار کان اوهان جي ڪم ۾ لڳايائين. بيشڪ اِن ۾ اُنهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن، جي سوچيندا آهن (١٣). مؤمنن کي چؤ تہ جيڪي الله جي واقعن جي اميد نہ رکندا آهن تن کان هن ڪري ٽارو ڪن تہ اِنهيءَ سببان جو جيڪي ڪمايو هئائون (اُنهن مان) ڪنهن قوم کي (الله) سزا ڏئي (١٤). جيڪو چڱا ڪم ڪندو سو پاڻ لاءِ ۽ جيڪو مدائي ڪندو، تنهن تي (اُن جو نقصان) آهي، وري پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽايا ويندؤ (١٥). ۽ بيشڪ بني اسرائيلن کي ڪتاب ۽ دانائي ۽ پيغمبري ڏني سون ۽ سٺين شين مان کين روزي ڏني سون ۽ کين جهان وارن کان ڀلارو ڪيو سون (١٦). ۽ دين بابت کين پڌرا دليل ڏنا سون، پوءِ انهن (اڳي) اختلاف نہ ڪيو، پر وٽن ڄاڻپ آئي، تنهن کان پوءِ پاڻ ۾ هٺ سببان (اختلاف ڪيائون)ـ بيشڪ جنهن ڳالھ بابت جهڳڙو ڪندا هئا، تنهن بابت قيامت جي ڏينهن تنهنجو پالڻهار سندن وچ ۾ نبيرو ڪندو (١٧).

ثُمَّ جَعَلْنٰكَ عَلٰى شَرِيْعَةٍ مِّنَ الْاَمْرِ فَاتَّبِعْهَا وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَ
الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٨﴾ اِنَّهُمْ لَنْ يُّغْنُوْا عَنْكَ مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ط وَ
اِنَّ الظّٰلِمِيْنَ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ج وَاللّٰهُ وَلِيُّ الْمُتَّقِيْنَ ﴿١٩﴾
هٰذَا بَصَآئِرُ لِلنَّاسِ وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿٢٠﴾ اَمْ
حَسِبَ الَّذِيْنَ اجْتَرَحُوا السَّيِّاٰتِ اَنْ نَّجْعَلَهُمْ كَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا
وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لا سَوَآءً مَّحْيَاهُمْ وَمَمَاتُهُمْ ط سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ﴿٢١﴾ ع وَ
خَلَقَ اللّٰهُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ وَلِتُجْزٰى كُلُّ نَفْسٍۭ بِمَا
كَسَبَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿٢٢﴾ اَفَرَءَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ وَاَضَلَّهُ اللّٰهُ
عَلٰى عِلْمٍ وَّخَتَمَ عَلٰى سَمْعِهٖ وَقَلْبِهٖ وَجَعَلَ عَلٰى بَصَرِهٖ غِشٰوَةً ط فَمَنْ
يَّهْدِيْهِ مِنْ بَعْدِ اللّٰهِ ط اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٣﴾ وَقَالُوْا مَا هِيَ اِلَّا حَيَاتُنَا
الدُّنْيَا نَمُوْتُ وَنَحْيَا وَمَا يُهْلِكُنَآ اِلَّا الدَّهْرُ ج وَمَا لَهُمْ بِذٰلِكَ
مِنْ عِلْمٍ ج اِنْ هُمْ اِلَّا يَظُنُّوْنَ ﴿٢٤﴾ وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ
مَّا كَانَ حُجَّتَهُمْ اِلَّآ اَنْ قَالُوا ائْتُوْا بِاٰبَآئِنَآ اِنْ كُنْتُمْ
صٰدِقِيْنَ ﴿٢٥﴾ قُلِ اللّٰهُ يُحْيِيْكُمْ ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يَجْمَعُكُمْ اِلٰى
يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَا رَيْبَ فِيْهِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٢٦﴾ ع

وري (اي پيغمبر!) توکي دين جي پڌريءَ واٽ تي ڪيوسون، تنهن ڪري (تون) اُن (دين) جي تابعداري ڪر ۽ جيڪي نہ ڄاڻندا آهن، تن جي سڌن جي پٺيان نہ لڳ (١٨). ڇو تہ اهي الله (جي آڏو) توکان ڪجھ بہ ٽاري نہ سگھندا ۽ بيشڪ ظالم هڪ ٻئي جا دوست آهن ۽ الله پرهيزگارن جو دوست آهي (١٩). هيءُ (قرآن) ماڻهن لاءِ چٽا دليل آهي ۽ جيڪي ماڻهو يقين رکندا آهن تن لاءِ هدايت ۽ ٻاجھ آهي (٢٠). جن مدايون ڪيون سي ڀانئيندا آهن ڇا تہ ڪين انهن وانگر ڪنداسون، جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا؟ تہ سندن جيئڻ ۽ سندن مرڻ هڪ جهڙو هوندو (اهو) جيڪو فيصلو ڪندا آهن، سو بڇڙو آهي (٢١). ۽ الله آسمانن ۽ زمين کي پوريءَ رٿ سان بڻايو ۽ هن لاءِ تہ هر ڪنهن شخص جيڪي ڪمايو، تنهن بابت کيس بدلو ڏجي ۽ متن ظلم نہ ڪبو (٢٢). (اي پيغمبر!) اُنهيءَ کي (نہ) ڏٺو اٿيئي ڇا؟ جنهن پنهنجي (نفس جي) سڌ کي معبود ڪري ورتو ۽ علم هوندي (گمراه ٿيو تہ) الله کيس گمراه ڪيو ۽ سندس ڪنن تي ۽ سنديس دل تي مهر هنيائين ۽ سندس اکين تي پردو وڌائين، پوءِ الله کانسواءِ کيس ڪير هدايت ڪندو؟ پوءِ ڇو نہ نصيحت وٺندا آهيو؟ (٢٣). ۽ چوندا آهن تہ اسان جي رڳو هيءَ دنيا جي حياتي آهي، جو مرندا آهيون ۽ جيئندا آهيون ۽ اسان کي رڳو زمانو ماريندو آهي ۽ ان (ڳالھ) جي کين ڪا ڄاڻپ نہ آهي، اهي رڳو اٽڪل هڻندا آهن (٢٤). ۽ جڏهن اسان جون پڌريون آيتون کين پڙهي ٻڌائبيون آهن (تڏهن) سندن حجت رڳو هيءُ چوڻ هوندو آهي تہ جيڪڏهن اوهين سچا آهيو تہ اسان جي پيءُ ڏاڏن کي (جيئرو ڪري) آڻيو (٢٥). (اي پيغمبر! کين) چؤ تہ الله اوهان کي جياريندو آهي، وري اوهان کي ماريندو، وري اوهان کي قيامت جي ڏينهن جنهن ۾ ڪو شڪ نہ آهي، گڏ ڪندو پر گهڻا ماڻهو (اِن ڳالھ کي) نہ ڄاڻندا آهن (٢٦).

وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ يَوْمَئِذٍ يَّخْسَرُ
الْمُبْطِلُوْنَ ﴿۲۷﴾ وَتَرٰى كُلَّ اُمَّةٍ جَاثِيَةً ۫ كُلُّ اُمَّةٍ تُدْعٰۤى اِلٰى كِتٰبِهَا ؕ
اَلْيَوْمَ تُجْزَوْنَ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۲۸﴾ هٰذَا كِتٰبُنَا يَنْطِقُ عَلَيْكُمْ
بِالْحَقِّ ؕ اِنَّا كُنَّا نَسْتَنْسِخُ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۲۹﴾ فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا
وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَيُدْخِلُهُمْ رَبُّهُمْ فِيْ رَحْمَتِهٖ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ
الْمُبِيْنُ ﴿۳۰﴾ وَاَمَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۫ اَفَلَمْ تَكُنْ اٰيٰتِيْ تُتْلٰى عَلَيْكُمْ
فَاسْتَكْبَرْتُمْ وَكُنْتُمْ قَوْمًا مُّجْرِمِيْنَ ﴿۳۱﴾ وَاِذَا قِيْلَ اِنَّ وَعْدَ
اللّٰهِ حَقٌّ وَّالسَّاعَةُ لَا رَيْبَ فِيْهَا قُلْتُمْ مَّا نَدْرِيْ مَا السَّاعَةُ ۙ
اِنْ نَّظُنُّ اِلَّا ظَنًّا وَّمَا نَحْنُ بِمُسْتَيْقِنِيْنَ ﴿۳۲﴾ وَبَدَا لَهُمْ سَيِّاٰتُ مَا
عَمِلُوْا وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿۳۳﴾ وَقِيْلَ الْيَوْمَ
نَنْسٰىكُمْ كَمَا نَسِيْتُمْ لِقَآءَ يَوْمِكُمْ هٰذَا وَمَاْوٰىكُمُ النَّارُ وَمَا لَكُمْ
مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿۳۴﴾ ذٰلِكُمْ بِاَنَّكُمُ اتَّخَذْتُمْ اٰيٰتِ اللّٰهِ هُزُوًا وَّغَرَّتْكُمُ
الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۚ فَالْيَوْمَ لَا يُخْرَجُوْنَ مِنْهَا وَلَا هُمْ يُسْتَعْتَبُوْنَ ﴿۳۵﴾
فَلِلّٰهِ الْحَمْدُ رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَرَبِّ الْاَرْضِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۳۶﴾
وَلَهُ الْكِبْرِيَآءُ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۳۷﴾ ع

۽ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله جي آهي ۽ جنهن ڏينهن قيامت ٿيندي، تنهن ڏينهن ڪوڙا نقصان پائيندا (٢٧). ۽ (اي پيغمبر!) هر ڪنهن ٽوليءَ کي گوڏن ڀر (ويٺل) ڏسندين. سڀڪا ٽولي پنهنجي اعمال نامي ڏانهن سڏبي (چئبو) ته جيڪي (اوهين) ڪندا هيؤ، تنهن جو اوهان کي اڄ بدلو ڏبو (٢٨). (چوندا سون) هيءُ اسان جو دفتر آهي، جو اوهان تي پوري حقيقت پڌري ڪري ٿو. بيشڪ جيڪي اوهين ڪندا هيؤ سو اسين لکندا هئاسون (٢٩). پوءِ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي سندن پالڻهار پنهنجيءَ ٻاجھ هيٺ داخل ڪندو، اِها پڌري مراد ماڻڻ آهي (٣٠). ۽ جن ڪفر ڪيو (تن کي چئبو) ته اوهان وٽ منهنجيون آيتون نه پڙهبيون هيون ڇا؟ پوءِ اوهان وڏائي ڪئي ۽ ڏوهاري قوم هيؤ (٣١). ۽ جڏهن چئبو هو ته الله جو وعدو سچو آهي ۽ قيامت ۾ ڪو شڪ ڪونه آهي (تڏهن) چوندا هيؤ ته (اسين) نه ڄاڻندا آهيون ته قيامت ڇا آهي، اسين رڳو هڪ (ٿورو) گمان ڀائيندا آهيون ۽ اسين (ڪڏهن) يقين ڪرڻ وارا نه آهيون (٣٢). ۽ جيڪي ڪمايو هيائون تنهن جيون مدايون کين پڌريون ٿينديون ۽ جنهن شيءِ تي چٿرون ڪندا هئا سا کين وڪوڙي ويندي (٣٣). ۽ چئبو ته اڄ اوهان کي (ائين) وساريندا سون، جيئن اوهان پنهنجي هن ڏينهن جي اچي پهچڻ کي وساريو هو ۽ (هاڻي) اوهان جي جاءِ دوزخ آهي ۽ اوهان جو ڪو مددگار نه آهي (٣۴). اِهو (عذاب اوهان کي) هن ڪري آهي، جو اوهان الله جي آيتن کي ٺٺوليون ڪري ورتو هو ۽ دنيوي حياتيءَ اوهان کي ٺڳيو هو، تنهن ڪري اڄ منجهائنس نه ڪڍبن ۽ نه کي عذر طلب ڪبن (٣٥). پوءِ سڀ ساراه خاص الله کي جڳائي جو آسمانن جو پالڻهار ۽ زمين جو پالڻهار ۽ جهانن جو پالڻهار آهي (٣٦). ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ سندس وڏائي آهي ۽ اُهو زبردست حڪمت وارو آهي (٣٧).

## سُوْرَةُ الْأَحْقَافِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

حٰمٓ ۚ ﴿١﴾ تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ ﴿٢﴾
مَا خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَآ اِلَّا بِالْحَقِّ وَاَجَلٍ
مُّسَمًّى ؕ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَمَّآ اُنْذِرُوْا مُعْرِضُوْنَ ﴿٣﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ
مَّا تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَرُوْنِيْ مَاذَا خَلَقُوْا مِنَ الْاَرْضِ
اَمْ لَهُمْ شِرْكٌ فِي السَّمٰوٰتِ ؕ اِيْتُوْنِيْ بِكِتٰبٍ مِّنْ قَبْلِ هٰذَآ اَوْ
اَثٰرَةٍ مِّنْ عِلْمٍ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٤﴾ وَمَنْ اَضَلُّ مِمَّنْ يَّدْعُوْا
مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَنْ لَّا يَسْتَجِيْبُ لَهٗٓ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ وَهُمْ عَنْ
دُعَآئِهِمْ غٰفِلُوْنَ ﴿٥﴾ وَاِذَا حُشِرَ النَّاسُ كَانُوْا لَهُمْ اَعْدَآءً وَّ
كَانُوْا بِعِبَادَتِهِمْ كٰفِرِيْنَ ﴿٦﴾ وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ
قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلْحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمْ ۙ هٰذَا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ؕ ﴿٧﴾
اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ؕ قُلْ اِنِ افْتَرَيْتُهٗ فَلَا تَمْلِكُوْنَ
لِيْ مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ؕ هُوَ اَعْلَمُ بِمَا تُفِيْضُوْنَ فِيْهِ ؕ كَفٰى بِهٖ
شَهِيْدًۢا بَيْنِيْ وَبَيْنَكُمْ ؕ وَهُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿٨﴾

سورة احقاف مڪي آهي ۽ هن ۾ پنجٽيهه
آيتون ۽ چار رڪوع آهن

اللہ ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

حم (١). (هن) ڪتاب جو لاهڻ غالب حڪمت واري الله وٽان آهي (٢). آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي تنهن کي پوريءَ رِٿ سان ۽ هڪ مقرر مدت تائين (رهڻ) لاءِ بڻايوسون ۽ ڪافر جنهن کان ڊيڄاريا ويا (تنهن کان) منهن موڙيندڙ آهن (٣). (ڪين) چؤ ته ڏسو ته سهي ته الله کان سواءِ جن کي سڏيندا آهيو (تن ڪا بڻاوت بڻائي آهي ڇا؟) مون کي ڏيکاريو ته زمين (جي شين) منجهان ڪهڙي شيءِ پيدا ڪئي اٿن؟ يا آسمانن (جي بڻائڻ) ۾ انهن جي ڪا ڀائيواري (ثابت) آهي ڇا؟ جيڪڏهن سچا آهيو ته هن کان اڳ (آيل) ڪو به ڪتاب يا ڪا علمي سند مون وٽ آڻيو (٤). ۽ انهيءَ کان وڌيڪ گمراهه ڪير آهي جيڪو الله کان سواءِ (ٻئي) اهڙي (بت) کي سڏي جو قيامت تائين سندس سڏ کي نه ورنائي ۽ اهي (ڪوڙا بت) سندن سڏڻ کان (ئي) بيخبر آهن (٥). ۽ جڏهن (قيامت ۾) ماڻهو گڏ ڪبا (تڏهن اهي بت) سندن ويري هوندا ۽ سندن پوڄا کان منڪر هوندا (٦). ۽ جڏهن اسان جون پڌريون آيتون کين پڙهي ٻڌائبيون آهن (تڏهن اهي) ڪافر سچي ڳالهه (يعني قرآن) بنسبت جنهن مهل وٽن آيو (تنهن مهل) چوندا آهن ته هيءُ پڌرو جادو آهي (٧). بلڪ چوندا آهن ته ان کي (پيغمبر پاڻ) ٺاهيو آهي- (ڪين چؤ ته) جيڪڏهن ان کي (پاڻ) ٺاهيو اٿم ته اوهين الله کان (ڇڏائڻ واسطي) مون لاءِ ڪجهه ڪري نه ٿا سگهو. جيڪي (قرآن بابت) گفتگو ڪندا آهيو (سو) الله چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي، منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ (الله) حق کي ظاهر ڪندڙ ڪافي آهي ۽ اهو بخشڻهار مهربان آهي (٨).

قُلْ مَا كُنْتُ بِدْعًا مِّنَ الرُّسُلِ وَمَآ اَدْرِيْ مَا يُفْعَلُ بِيْ وَلَا بِكُمْ ؕ
اِنْ اَتَّبِعُ اِلَّا مَا يُوْحٰٓى اِلَيَّ وَمَآ اَنَا اِلَّا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ۝۹ قُلْ اَرَءَيْتُمْ
اِنْ كَانَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ وَكَفَرْتُمْ بِهٖ وَشَهِدَ شَاهِدٌ مِّنْۢ بَنِيْٓ
اِسْرَآءِيْلَ عَلٰى مِثْلِهٖ فَاٰمَنَ وَاسْتَكْبَرْتُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ
الظّٰلِمِيْنَ ۝۱۰ ع وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَوْ كَانَ خَيْرًا مَّا
سَبَقُوْنَآ اِلَيْهِ ؕ وَاِذْ لَمْ يَهْتَدُوْا بِهٖ فَسَيَقُوْلُوْنَ هٰذَآ اِفْكٌ قَدِيْمٌ ۝۱۱
وَمِنْ قَبْلِهٖ كِتٰبُ مُوْسٰٓى اِمَامًا وَّرَحْمَةً ؕ وَهٰذَا كِتٰبٌ مُّصَدِّقٌ
لِّسَانًا عَرَبِيًّا لِّيُنْذِرَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ۖۗ وَبُشْرٰى لِلْمُحْسِنِيْنَ ۝۱۲ اِنَّ
الَّذِيْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ
يَحْزَنُوْنَ ۝۱۳ ج اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا
يَعْمَلُوْنَ ۝۱۴ وَوَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ اِحْسٰنًا ؕ حَمَلَتْهُ اُمُّهٗ
كُرْهًا وَّوَضَعَتْهُ كُرْهًا ؕ وَحَمْلُهٗ وَفِصٰلُهٗ ثَلٰثُوْنَ شَهْرًا ؕ حَتّٰٓى اِذَا بَلَغَ
اَشُدَّهٗ وَبَلَغَ اَرْبَعِيْنَ سَنَةً ۙ قَالَ رَبِّ اَوْزِعْنِيْٓ اَنْ اَشْكُرَ نِعْمَتَكَ
الَّتِيْٓ اَنْعَمْتَ عَلَيَّ وَعَلٰى وَالِدَيَّ وَاَنْ اَعْمَلَ صَالِحًا تَرْضٰىهُ
وَاَصْلِحْ لِيْ فِيْ ذُرِّيَّتِيْ ۚ اِنِّيْ تُبْتُ اِلَيْكَ وَاِنِّيْ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ۝۱۵

چؤ تہ، آءٌ پيغمبرن مان ڪو نئون (آيل) نہ آهيان ۽ نہ ٿو ڄاڻان تہ مون سان ۽ اوهان سان (دنيا ۾) ڇا ڪيو ويندو. جيڪي مون ڏانهن وحي ڪيو ويندو آهي، تنهن کان سواءِ (ٻيءَ) ڪنهن (ڳالهہ) جي تابعداري نہ ڪندو آهيان ۽ آءٌ رڳو پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان (٩). (ڪين) چؤ تہ ڏسو تہ سهي تہ جيڪڏهن (اِهو قرآن) الله وٽان (آيل) آهي ۽ اوهين ان کي نہ ٿا مڃيو ۽ بني اسرائيل مان هڪ شاهد اهڙي (ڪتاب) تي شاهدي ڏني هجي، پوءِ انهيءَ ايمان آندو ۽ اوهان (مڃڻ کان) وڏائي ڪئي (تہ ضرور ظالم ٿيندؤ)، بيشڪ الله ظالمن جي قوم کي سڌو رستو نہ ڏيکاريندو آهي (١٠). ۽ ڪافرن مؤمنن بہ نسبت چيو تہ جيڪڏهن (اهو دين) چڱو هجي ها تہ اهي ان ڏانهن اسان کان اڳرائي نہ ڪن ها ۽ جڏهن تہ (ڪافرن) ان سان هدايت نہ لڌي تڏهن سگهو چوندا تہ هيءُ (قرآن) هڪ پراڻو ڪوڙ آهي (جو هليو ٿو اچي) (١١). ۽ هن (قرآن) کان اڳ موسيٰ جو ڪتاب (دين ۾) راهنما ۽ رحمت هو ۽ هيءُ ڪتاب (ان جو) سچو ڪندڙ عربيءَ ٻولي ۾ آهي، هن لاءِ تہ ظالمن کي ڊيڄاري ۽ ڀلارن کي خوشخبري ڏئي (١٢). بيشڪ جن چيو تہ اسان جو پالڻھار الله آهي، پوءِ ان (چوڻ) تي مضبوط رهيا، تن کي نڪو ڀؤ آهي نہ ڪي غمگين هوندا (١٣). اهي بهشتي آهن منجهس سدائين رهڻ وارا آهن، جيڪي ڪندا هئا، تنهن جي بدلي ۾ (اهو بهشت ڏبو) (١٤). ۽ ماڻهوءَ کي پنهنجي ماءُ پيءُ سان چڱائي ڪرڻ جو حڪم ڪيوسون، (جو) تڪليف سان سندس ماءُ کيس (پيٽ ۾) کنيو آهي ۽ تڪليف سان کيس ڄڻيو آهي ۽ (ڳهڻ ۾ ڳهڻ) ان جو (پيٽ ۾) کڻڻ ۽ ان جو (کير کان) ڇڏائڻ ٽيهہ مهينا آهي، تان جو جڏهن پنهنجيءَ جوانيءَ کي پهتو ۽ چاليهن ورهن (جي ڄمار) کي پهتو (تڏهن) چوندو آهي تہ اي منهنجا پالڻھار! مون کي توفيق ڏي تہ تنهنجي انهيءَ نعمت جو شڪر ڪريان، جيڪا مون تي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ تي انعام ڪئي اٿيئي ۽ تہ (اهڙا) چڱا ڪم ڪريان جن کان (تون) راضي رهين ۽ منهنجي اولاد مون لاءِ سڌار، بيشڪ آءٌ تو ڏانهن موٽيس ۽ بيشڪ آءٌ مسلمانن منجهان آهيان (١٥).

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ نَتَقَبَّلُ عَنْهُمْ اَحْسَنَ مَا عَمِلُوْا وَنَتَجَاوَزُ عَنْ سَيِّاٰتِهِمْ
فِيْٓ اَصْحٰبِ الْجَنَّةِ ؕ وَعْدَ الصِّدْقِ الَّذِيْ كَانُوْا يُوْعَدُوْنَ ﴿۱۶﴾ وَالَّذِيْ
قَالَ لِوَالِدَيْهِ اُفٍّ لَّكُمَآ اَتَعِدٰنِنِيْٓ اَنْ اُخْرَجَ وَقَدْ خَلَتِ الْقُرُوْنُ
مِنْ قَبْلِيْ ۚ وَهُمَا يَسْتَغِيْثٰنِ اللّٰهَ وَيْلَكَ اٰمِنْ ۖ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ ۚ
فَيَقُوْلُ مَا هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿۱۷﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ حَقَّ عَلَيْهِمُ
الْقَوْلُ فِيْٓ اُمَمٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ ؕ اِنَّهُمْ
كَانُوْا خٰسِرِيْنَ ﴿۱۸﴾ وَلِكُلٍّ دَرَجٰتٌ مِّمَّا عَمِلُوْا ۚ وَلِيُوَفِّيَهُمْ اَعْمَالَهُمْ
وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿۱۹﴾ وَيَوْمَ يُعْرَضُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَلَى النَّارِ ؕ
اَذْهَبْتُمْ طَيِّبٰتِكُمْ فِيْ حَيَاتِكُمُ الدُّنْيَا وَاسْتَمْتَعْتُمْ بِهَا ۚ فَالْيَوْمَ
تُجْزَوْنَ عَذَابَ الْهُوْنِ بِمَا كُنْتُمْ تَسْتَكْبِرُوْنَ فِي
الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَبِمَا كُنْتُمْ تَفْسُقُوْنَ ﴿۲۰﴾ ع وَاذْكُرْ اَخَا
عَادٍ ؕ اِذْ اَنْذَرَ قَوْمَهٗ بِالْاَحْقَافِ وَقَدْ خَلَتِ النُّذُرُ مِنْۢ
بَيْنِ يَدَيْهِ وَمِنْ خَلْفِهٖٓ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّا اللّٰهَ ؕ اِنِّيْٓ اَخَافُ
عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿۲۱﴾ قَالُوْٓا اَجِئْتَنَا لِتَاْفِكَنَا
عَنْ اٰلِهَتِنَا ۚ فَاْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿۲۲﴾

اِهي اُهي آهن جن جا تمام چڱا ڪم جيڪي ڪيائون سي قبول ڪندا آهيون ۽ سندن مداين کان ٽارو ڪندا آهيون (اهي) بهشتن ۾ هوندا، جيڪو سا ٽن سچو وعدو ڪبو هو تنهن جي ڪري (١٦). ۽ جنهن پنهنجي ماءُ پيءُ کي چيو ته، اوهان کي حيف هجي مون کي انجام ڏيو ٿا ته (قبرن مان) ڪڍيو ويندس؟ ۽ بيشڪ مون کان اڳ (ماڻهن جا) ڪيترائي جڳ گذري ويا آهن (ته منجهانئن وري ڪوبه جيئرو نه ٿيو) ۽ اهي ٻئي الله کي ٻاذائيندا آهن (۽ چوندا اٿس ته) ڪم بخت ايمان آڻ، ڇو ته الله جو انجام سچو آهي، پوءِ چوندو آهي ته اهو (انجام) رڳو اڳوڻن جون آکاڻيون آهن (١٧). اِهي اُهي آهن جن تي (اهڙي) سزا لازم ٿي، (جهڙي انهن) ٽولين ۾ ٿي جي جنّن ۽ ماڻهن مان کانئن اڳ گذري ويا، بيشڪ اهي ٽوٽي وارا هئا (١٨). ۽ سڀ ڪنهن لاءِ (ڏار ڏار) درجا انهيءَ آهر آهن، جيڪي ڪم ڪيائون ۽ (هيءُ هن لاءِ) ته (الله) سندن عملن جو کين پورو بدلو ڏئي ۽ مٿن ظلم نه ڪبو (١٩). ۽ انهيءَ ڏينهن، جو ڪافر باه جي آڏو ڪبا (چئبن ته) پنهنجون نعمتون پنهنجي دنيا ئي حياتيءَ ۾ (نه) وجائي ڇڪوُ ۽ انهن سان مزا ماڻيندا رهيؤ. تنهن ڪري اڄ اوهان کي خواريءَ جي عذاب جو بدلو انهيءَ ڪري ڏبو جو زمين ۾ ناحق وڏائي ڪندا هيؤ ۽ انهيءَ ڪري (به) جو بدڪاري ڪندا هيؤ (٢٠). ۽ عاد جي ڀاءُ (هود جي قصي) کي ياد ڪر، جڏهن پنهنجيءَ قوم کي (واديءَ) احقاف ۾ ڊيڄاريائين ۽ بيشڪ سندس اڳيان ۽ سندس پوئتان (ڪيترائي) ڊيڄاريندڙ گذريا هئا، ته الله کان سواءِ (ٻئي) ڪنهن جي عبادت نه ڪريو، بيشڪ آءٌ اوهان تي وڏي ڏينهن جي عذاب (اچڻ) کان ڊڄان ٿو (٢١). چيائون ته، اسان وٽ هن لاءِ آيو آهين ڇا ته اسان کي پنهنجن معبودن (جي عبادت) کان ڦيرائين؟ پوءِ جيڪڏهن سچن مان آهين ته جيڪو وعدو اسان کي ڏئين ٿو سو اسان وٽ آڻ (٢٢).

قَالَ اِنَّمَا الْعِلْمُ عِنْدَ اللّٰهِ ۫ وَ اُبَلِّغُكُمْ مَّاۤ اُرْسِلْتُ بِهٖ وَلٰكِنِّیْۤ
اَرٰىكُمْ قَوْمًا تَجْهَلُوْنَ ﴿٢٣﴾ فَلَمَّا رَاَوْهُ عَارِضًا مُّسْتَقْبِلَ اَوْدِیَتِهِمْ ۙ
قَالُوْا هٰذَا عَارِضٌ مُّمْطِرُنَا ؕ بَلْ هُوَ مَا اسْتَعْجَلْتُمْ بِهٖ ؕ رِیْحٌ
فِیْهَا عَذَابٌ اَلِیْمٌ ﴿٢٤﴾ تُدَمِّرُ كُلَّ شَیْءٍۭ بِاَمْرِ رَبِّهَا
فَاَصْبَحُوْا لَا یُرٰۤى اِلَّا مَسٰكِنُهُمْ ؕ كَذٰلِكَ نَجْزِی الْقَوْمَ
الْمُجْرِمِیْنَ ﴿٢٥﴾ وَلَقَدْ مَكَّنّٰهُمْ فِیْمَاۤ اِنْ مَّكَّنّٰكُمْ فِیْهِ
وَجَعَلْنَا لَهُمْ سَمْعًا وَّاَبْصَارًا وَّاَفْـِٕدَةً ۖؗ فَمَاۤ اَغْنٰى عَنْهُمْ
سَمْعُهُمْ وَلَاۤ اَبْصَارُهُمْ وَلَاۤ اَفْـِٕدَتُهُمْ مِّنْ شَیْءٍ اِذْ
كَانُوْا یَجْحَدُوْنَ بِاٰیٰتِ اللّٰهِ وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ
یَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٢٦﴾ ع وَلَقَدْ اَهْلَكْنَا مَا حَوْلَكُمْ مِّنَ الْقُرٰى
وَصَرَّفْنَا الْاٰیٰتِ لَعَلَّهُمْ یَرْجِعُوْنَ ﴿٢٧﴾ فَلَوْلَا نَصَرَهُمُ
الَّذِیْنَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ قُرْبَانًا اٰلِهَةً ؕ بَلْ ضَلُّوْا
عَنْهُمْ ۚ وَذٰلِكَ اِفْكُهُمْ وَمَا كَانُوْا یَفْتَرُوْنَ ﴿٢٨﴾ وَاِذْ صَرَفْنَاۤ
اِلَیْكَ نَفَرًا مِّنَ الْجِنِّ یَسْتَمِعُوْنَ الْقُرْاٰنَ ۚ فَلَمَّا حَضَرُوْهُ
قَالُوْۤا اَنْصِتُوْا ۚ فَلَمَّا قُضِیَ وَلَّوْا اِلٰى قَوْمِهِمْ مُّنْذِرِیْنَ ﴿٢٩﴾

چيائين ته (اها) خبر رڳو الله کي آهي ۽ جنهن (پيغام) سان موڪليو ويو آهيان، سو اوهان کي پهچايان ٿو پر اوهان کي هڪ جاهل قوم ڏسان ٿو (٢٣). پوءِ جنهن مهل ان کي ڪڪر (جهڙو) ڏٺائون جو سندن وادين ڏانهن سامهون ايندڙ هو (تنهن مهل) چيائون ته هيءُ ڪڪر آهي جو اسان تي وسندو (هود چيو ته نه نه!) بلڪ اِهو (ڪڪر حقيقت ۾) اهو (عذاب) آهي، جنهن کي جلدي گهريوَ، (اها) هڪ آنڌي آهي، جنهن ۾ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (٢٤). (جو) پنهنجي پالڻهار جي حڪم سان سڀ ڪنهن شيءِ کي ناس ڪندي. پوءِ (اهڙا ناس) ٿيا جو سندن گهرن کان سواءِ (ٻيو) ڪجھ نه ٿي ڏٺو ويو. اهڙيءَ طرح ڏوهاريءَ قوم کي سزا ڏيندا آهيون (٢٥). ۽ بيشڪ انهن کي اهڙي جاءِ ڏني هئي سون جو اوهان کي ٻه جاءِ نه ڏني سون ۽ انهن کي ڪن ۽ اکيون ۽ دليون ڏنيون هيون سون، پوءِ جڏهن الله جي آيتن جو انڪار ڪيائون، تڏهن نڪي سندس ڪنن ۽ نڪي سندن اکين ۽ نڪي سندن دلين ڪُجھ به (عذاب) کانئن ٽاريو ۽ جنهن (عذاب) باب ٺٺوليون ڪندا هئا، سو مٿن ڪڙڪيو (٢٦). ۽ بيشڪ جيڪي ڳوٺ اوهان جي آس پاس آهن، سي (سڀ) ناس ڪياسون ۽ (پنهنجون) طرحين طرحين نشانيون پڌريون ڪيون سون ته مَن اُهي (ڪفر کان) موٽن (٢٧). پوءِ الله کان سواءِ (ٻين) جن کي (الله جي) ويجهڙائيءَ لاءِ (پنهنجا) معبود ڪري ورتا هيائون تن ڪين مدد ڇو نه ڏني هئي؟ (نه!) بلڪ (اُهي عذاب وقت) کانئن گم ٿي ويا ۽ اهو سندن ڪوڙ آهي ۽ جيڪو ناهه ٺاهيندا هئا (سو به گم ٿي ويو) (٢٨). ۽ (ياد ڪر) جڏهن جنن مان هڪ ٽوليءَ کي تو ڏانهن لاڙيوسون جو قرآن ٻڌائون ٿي، پوءِ جنهن مهل پيغمبر وٽ پهتا! (تنهن مهل) چيائون ته ماٺ ڪريو. پوءِ جنهن مهل (قرآن پڙهي) پورو ڪيو ويو ته پنهنجيءَ قوم ڏانهن ديڄاريندڙ ٿي موٽيا (٢٩).

قَالُوْا يٰقَوْمَنَآ اِنَّا سَمِعْنَا كِتٰبًا اُنْزِلَ مِنْۢ بَعْدِ مُوْسٰى مُصَدِّقًا
لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ يَهْدِيْۤ اِلَى الْحَقِّ وَاِلٰى طَرِيْقٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۳۰﴾ يٰقَوْمَنَآ
اَجِيْبُوْا دَاعِيَ اللّٰهِ وَاٰمِنُوْا بِهٖ يَغْفِرْ لَكُمْ مِّنْ ذُنُوْبِكُمْ وَيُجِرْكُمْ
مِّنْ عَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿۳۱﴾ وَمَنْ لَّا يُجِبْ دَاعِيَ اللّٰهِ فَلَيْسَ بِمُعْجِزٍ فِي
الْاَرْضِ وَلَيْسَ لَهٗ مِنْ دُوْنِهٖۤ اَوْلِيَآءُ ؕ اُولٰٓئِكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿۳۲﴾
اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَلَمْ يَعْيَ
بِخَلْقِهِنَّ بِقٰدِرٍ عَلٰۤى اَنْ يُّحْيِۦَ الْمَوْتٰى ؕ بَلٰۤى اِنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۳۳﴾
وَيَوْمَ يُعْرَضُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَلَى النَّارِ ؕ اَلَيْسَ هٰذَا بِالْحَقِّ ؕ قَالُوْا
بَلٰى وَرَبِّنَا ؕ قَالَ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ﴿۳۴﴾ فَاصْبِرْ
كَمَا صَبَرَ اُولُوا الْعَزْمِ مِنَ الرُّسُلِ وَلَا تَسْتَعْجِلْ لَّهُمْ ؕ كَاَنَّهُمْ
يَوْمَ يَرَوْنَ مَا يُوْعَدُوْنَ ۙ لَمْ يَلْبَثُوْۤا اِلَّا سَاعَةً مِّنْ نَّهَارٍ ؕ
بَلٰغٌ ۚ فَهَلْ يُهْلَكُ اِلَّا الْقَوْمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿۳۵﴾ ع

## سُوْرَةُ مُحَمَّدٍ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○
الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَضَلَّ اَعْمَالَهُمْ ﴿۱﴾

چيائون ته اي اسان جي قوم! بيشڪ اسان اهڙو ڪتاب ٻڌو جو موسىٰ
ڪان پوءِ لاٿو ويو آهي، جو جيڪي ان ڪان اڳ (نازل ٿيل) هو، تنهن
(سڀ) کي سچو ڪندڙ آهي، سچي دين ڏانهن ۽ سڌيءَ واٽ ڏانهن رستو
ڏيکاري ٿو (٣٠). اي اسان جي قوم! الله جي (طرف) سڏيندڙ کي سڏ ڏيو
۽ ان تي ايمان آڻيو ته (الله) اوهان جا ڪي ڏوه اوهان کي بخشي ۽ ڏکوئيندڙ
عذاب کان اوهان کي ڇڏائي (٣١). ۽ جيڪو الله ڏانهن سڏيندڙ کي سڏ نه
ڏيندو سو ملڪ ۾ (ڀڄي) ٿڪائڻ وارو نه آهي ۽ الله کان سواءِ ان جا ڪي
سڄڻ نه آهن، اهي پڌريءَ گمراهيءَ ۾ آهن (٣٢). نه ڏٺو اٿن ڇا ته الله
جنهن آسمانن ۽ زمين کي بڻايو آهي ۽ انهن جي بنائڻ ۾ نه ٿڪو سو هن
(ڳالھ) تي وس وارو آهي ته مئلن کي جياري، هائو! بيشڪ اُهو سڀ
ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي (٣٣). ۽ جنهن ڏينهن ڪافر باھ جي
سامهون آڻبا، (تنهن ڏينهن چئبن ته) هي (وعدو) سچ نه آهي ڇا؟ چوندا
هائو! اسان جي پالڻهار جو قسم آهي (ته سچ آهي) (الله) چوندو ته (هاڻي)
اُنهيءَ ڪري عذاب چکو جو انڪار ڪندا هيؤ (٣٤). پوءِ (اي پيغمبر!)
جيئن وڏيءَ همت وارن پيغمبرن صبر ڪيو هو تيئن (تون بہ) صبر ڪر ۽
انهن لاءِ (عذاب) جلد نه گھر، جنهن (قيامت) جو کين انجام ڏجي ٿو، سو
جنهن ڏينهن ڏسندا تنهن ڏينهن (ائين ڀائيندا ته دنيا ۾) ڄڻڪ اُهي ڏينهن
جي هڪ گھڙيءَ کان سواءِ (وڌيڪ) رهيائي نه هئا (اِهو پيغام) پهچائڻو
آهي، پوءِ بدڪارن جي قوم کان سواءِ (ٻيو) هلاڪ نه ڪبو (٣٥).

سورة محمد مدني آهي ۽ هن ۾ اٺتيھ
آيتون ۽ چار رڪوع آهن.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

جن ڪفر ڪيو ۽ (ماڻهن کي) الله جي واٽ کان جهليو تن جي عملن کي
الله ڇٽ ڪيو (١).

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاٰمَنُوْا بِمَا نُزِّلَ عَلٰى مُحَمَّدٍ
وَّهُوَ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّهِمْ ۙ كَفَّرَ عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ وَاَصْلَحَ بَالَهُمْ ﴿٢﴾
ذٰلِكَ بِاَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوا اتَّبَعُوا الْبَاطِلَ وَاَنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوا
اتَّبَعُوا الْحَقَّ مِنْ رَّبِّهِمْ ؕ كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ لِلنَّاسِ اَمْثَالَهُمْ ﴿٣﴾
فَاِذَا لَقِيْتُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَضَرْبَ الرِّقَابِ ؕ حَتّٰۤى اِذَاۤ اَثْخَنْتُمُوْهُمْ
فَشُدُّوا الْوَثَاقَ ۙ فَاِمَّا مَنًّاۢ بَعْدُ وَاِمَّا فِدَآءً حَتّٰى تَضَعَ الْحَرْبُ
اَوْزَارَهَا ۛ ۚ ذٰلِكَ ؕۛ وَلَوْ يَشَآءُ اللّٰهُ لَانْتَصَرَ مِنْهُمْ وَلٰكِنْ لِّيَبْلُوَا
بَعْضَكُمْ بِبَعْضٍ ؕ وَالَّذِيْنَ قُتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَلَنْ يُّضِلَّ اَعْمَالَهُمْ ﴿٤﴾
سَيَهْدِيْهِمْ وَيُصْلِحُ بَالَهُمْ ﴿٥﴾ وَيُدْخِلُهُمُ الْجَنَّةَ عَرَّفَهَا لَهُمْ ﴿٦﴾
يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنْ تَنْصُرُوا اللّٰهَ يَنْصُرْكُمْ وَيُثَبِّتْ
اَقْدَامَكُمْ ﴿٧﴾ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَتَعْسًا لَّهُمْ وَاَضَلَّ اَعْمَالَهُمْ ﴿٨﴾
ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَرِهُوْا مَاۤ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاَحْبَطَ اَعْمَالَهُمْ ﴿٩﴾
اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ
مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ دَمَّرَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ ۫ وَلِلْكٰفِرِيْنَ اَمْثَالُهَا ﴿١٠﴾ ذٰلِكَ
بِاَنَّ اللّٰهَ مَوْلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَاَنَّ الْكٰفِرِيْنَ لَا مَوْلٰى لَهُمْ ﴿١١﴾ ع

۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ۽ جيڪي محمد(ﷺ) تي نازل ڪيو ويو ۽ اُهو سندس پالڻهار وٽان سچ (آيل) آهي، تنهن کي مڃيائون، تن جون مدايون کانئن ميٽايائين ۽ سندن حال کي سڌاريائين (٢). اهو هن ڪري آهي جو ڪافر ڪوڙ جي پٺيان لڳا ۽ مؤمنن پنهنجي پالڻهار جي سچي دين جي پيروي ڪئي، اهڙيءَ طرح الله ماڻهن لاءِ سندن احوال بيان ڪندو آهي (٣). پوءِ جڏهن اوهين ڪافرن سان جنگ ڪريو، تڏهن (اُنهن جون) گردنيون ڪٽيو، تان جو جڏهن منجهن گهڻو رت ڇاڻ ڪيوَ، تڏهن قيدين کي مضبوط ٻڌو. وري (قيد ڪان) پوءِ يا ته احسان ڪرڻ (سان ڇڏڻ) يا ڇٽي وٺڻ (گهرجي) تانجو ويڙهه (وارا) پنهنجا هٿيار رکي (ڇڏين يعني ويڙهه بند ٿئي)، اهو حڪم آهي ۽ جيڪڏهن الله گهري ها ته (پاڻ) کانئن بدلو وٺي ها، پر (گهرندو آهي ته) اوهان مان ڪن کي ڪن سان پرکي ۽ جيڪي الله جي واٽ ۾ ڪُٺا تن جا عمل ڪڏهن ڇٽ نه ڪندو (٤). کين سڌو رستو ڏيکاريندو ۽ سندن حال سڌاريندو (٥). ۽ کين انهيءَ بهشت ۾ داخل ڪندو، جيڪو کين ڄاڻايو اٿس (٦). اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن اوهين الله (جي دين) جي مدد ڪندؤ ته (الله) اوهان جي مدد ڪندو ۽ اوهان جا قدم مضبوط ڪندو (٧). ۽ جن انڪار ڪيو تن کي شال هلاڪي هجي ۽ (الله) سندن عملن کي ڇٽ ڪيو (٨). اِها (سزا) هن ڪري آهي جو جيڪي الله نازل ڪيو آهي، تنهن کي انهن ناپسند ڪيو، تنهن ڪري (الله) سندن عملن کي ڇٽ ڪيو (٩). زمين ۾ نه گهميا آهن ڇا ته نهارين ته جيڪي کانئن اڳ هئا تن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي؟ الله مٿن هلاڪي نازل ڪئي ۽ ڪافرن لاءِ اهڙيون (ئي سزائون) آهن (١٠). اِهو هن ڪري آهي جو الله مؤمنن جو ڪارساز آهي ۽ (هن ڪري به) ته ڪافرن جو ڪو سڄڻ نه آهي (١١).

إِنَّ اللّٰهَ يُدْخِلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ
مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا يَتَمَتَّعُوْنَ وَيَاْكُلُوْنَ كَمَا
تَاْكُلُ الْاَنْعَامُ وَالنَّارُ مَثْوًى لَّهُمْ ﴿١٢﴾ وَكَاَيِّنْ مِّنْ قَرْيَةٍ هِيَ اَشَدُّ
قُوَّةً مِّنْ قَرْيَتِكَ الَّتِيْٓ اَخْرَجَتْكَ ۚ اَهْلَكْنٰهُمْ فَلَا نَاصِرَ لَهُمْ ﴿١٣﴾
اَفَمَنْ كَانَ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّهٖ كَمَنْ زُيِّنَ لَهٗ سُوْٓءُ عَمَلِهٖ وَ
اتَّبَعُوْٓا اَهْوَآءَهُمْ ﴿١٤﴾ مَثَلُ الْجَنَّةِ الَّتِيْ وُعِدَ الْمُتَّقُوْنَ ؕ فِيْهَآ
اَنْهٰرٌ مِّنْ مَّآءٍ غَيْرِ اٰسِنٍ ۚ وَاَنْهٰرٌ مِّنْ لَّبَنٍ لَّمْ يَتَغَيَّرْ طَعْمُهٗ ۚ وَاَنْهٰرٌ
مِّنْ خَمْرٍ لَّذَّةٍ لِّلشّٰرِبِيْنَ ۚ۬ وَاَنْهٰرٌ مِّنْ عَسَلٍ مُّصَفًّى ؕ وَلَهُمْ
فِيْهَا مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ وَمَغْفِرَةٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ ؕ كَمَنْ هُوَ خَالِدٌ فِي
النَّارِ وَسُقُوْا مَآءً حَمِيْمًا فَقَطَّعَ اَمْعَآءَهُمْ ﴿١٥﴾ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّسْتَمِعُ
اِلَيْكَ ۚ حَتّٰٓى اِذَا خَرَجُوْا مِنْ عِنْدِكَ قَالُوْا لِلَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ
مَاذَا قَالَ اٰنِفًا ۫ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ طَبَعَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَ
اتَّبَعُوْٓا اَهْوَآءَهُمْ ﴿١٦﴾ وَالَّذِيْنَ اهْتَدَوْا زَادَهُمْ هُدًى وَّاٰتٰىهُمْ
تَقْوٰىهُمْ ﴿١٧﴾ فَهَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا السَّاعَةَ اَنْ تَاْتِيَهُمْ بَغْتَةً ۚ
فَقَدْ جَآءَ اَشْرَاطُهَا ۚ فَاَنّٰى لَهُمْ اِذَا جَآءَتْهُمْ ذِكْرٰىهُمْ ﴿١٨﴾

جن ايمان آندو آهي ۽ چڱا ڪم ڪيا آهن، تن کي بيشڪ الله اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو، جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن ۽ جن انڪار ڪيو (سي دنيا جو) نفعو وٺندا آهن ۽ ائين کائيندا آهن، جيئن ڍور کائيندا آهن ۽ (هميشہ) سندن جاءِ باھ آهي (١٢). ۽ (اي پيغمبر!) تنهنجي ڳوٺ، جنهن (جي ماڻهن) توکي ڪڍي ڇڏيو، تنهن کان وڌيڪ سگهه وارا ڪيترائي ڳوٺ هئا، جو انهن کي ناس ڪيوسون، پوءِ انهن جو ڪو واهرو نہ هو (١٣). جيڪو پنهنجي پالڻهار کان پڌريءَ حجت تي هجي، سو انهيءَ جهڙو آهي ڇا؟ جنهن کي سندس بڇڙا ڪم چڱا ڪري ڏيکاريا ويا ۽ پنهنجن سڌن جي پٺيان لڳا؟ (١٤). جنهن بهشت جو پرهيزگارن کي انجام ڏنو ويو آهي، تنهن جي وصف هيءَ آهي، جو اُن ۾ اهڙي پاڻيءَ جون نهرون آهن جو (گهڻي رهڻ ڪري) نہ سينواريو آهي ۽ اهڙي کير جون نهرون آهن، جنهن جو مزو نہ مٽيو آهي ۽ پيئندڙن کي لذت ڏيندڙ شراب جون نهرون آهن ۽ صفا ڪيل ماکيءَ جون بہ نهرون آهن، ۽ انهن لاءِ منجهس هر جنس جا ميوا آهن ۽ سندن پالڻهار وٽان (مٽن) بخشش (بہ) آهي (اهي) اُنهن جهڙا آهن ڇا، جيڪي باھ ۾ سدائين رهڻ وارا هجن ۽ جن کي ڪوسو پاڻي پياريو وڃي جو سندن آنڊن کي ڇني ڇڏي؟ (١٥). ۽ منجهانئن ڪو اهڙو آهي جو تو ڏانهن ڪن ڏيندو آهي، تانجو جنهن مهل تو وٽان نڪرندا آهن (تنهن مهل) جن کي علم ڏنو ويو، تن کي چوندا آهن تہ هاڻي (پيغمبر) ڇا چيو؟ اِهي اُهي آهن، جن جي دلين تي الله مهر هنئي آهي ۽ جيڪي پنهجي (نفس جي) سڌن تي هليا (١٦). ۽ جن سڌو رستو ورتو تن کي الله هدايت ۾ وڌايو ۽ کين سندن پرهيزگاري ڏني (١٧). (ڪافر) پاڻ وٽ قيامت جي اوچتي اچڻ کان سواءِ (ٻي ڳالھ جا) منتظر نہ آهن، پوءِ بيشڪ اُن جون نشانيون اچي چڪيون آهن، پوءِ جڏهن وٽن (قيامت) ايندي، تڏهن کين نصيحت وٺڻ ڪٿان (نفعي واري ٿيندي)؟ (١٨).

فَاعْلَمْ اَنَّهٗ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاسْتَغْفِرْ لِذَنْۢبِكَ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَ
الْمُؤْمِنٰتِ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مُتَقَلَّبَكُمْ وَمَثْوٰىكُمْ ؑ﴿١٩﴾ وَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ
اٰمَنُوْا لَوْلَا نُزِّلَتْ سُوْرَةٌ ۚ فَاِذَاۤ اُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ مُّحْكَمَةٌ وَّذُكِرَ فِيْهَا
الْقِتَالُ ۙ رَاَيْتَ الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ يَّنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ نَظَرَ
الْمَغْشِيِّ عَلَيْهِ مِنَ الْمَوْتِ ؕ فَاَوْلٰى لَهُمْ ۚ﴿٢٠﴾ طَاعَةٌ وَّقَوْلٌ مَّعْرُوْفٌ ۫
فَاِذَا عَزَمَ الْاَمْرُ ۫ فَلَوْ صَدَقُوا اللّٰهَ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ ۚ﴿٢١﴾ فَهَلْ
عَسَيْتُمْ اِنْ تَوَلَّيْتُمْ اَنْ تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ وَتُقَطِّعُوْۤا اَرْحَامَكُمْ ﴿٢٢﴾
اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ فَاَصَمَّهُمْ وَاَعْمٰۤى اَبْصَارَهُمْ ﴿٢٣﴾ اَفَلَا
يَتَدَبَّرُوْنَ الْقُرْاٰنَ اَمْ عَلٰى قُلُوْبٍ اَقْفَالُهَا ﴿٢٤﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ ارْتَدُّوْا
عَلٰۤى اَدْبَارِهِمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمُ الْهُدَى ۙ الشَّيْطٰنُ سَوَّلَ لَهُمْ ؕ
وَاَمْلٰى لَهُمْ ﴿٢٥﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْا لِلَّذِيْنَ كَرِهُوْا مَا نَزَّلَ اللّٰهُ سَنُطِيْعُكُمْ
فِيْ بَعْضِ الْاَمْرِ ۚ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ اِسْرَارَهُمْ ﴿٢٦﴾ فَكَيْفَ اِذَا تَوَفَّتْهُمُ
الْمَلٰٓئِكَةُ يَضْرِبُوْنَ وُجُوْهَهُمْ وَاَدْبَارَهُمْ ﴿٢٧﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمُ اتَّبَعُوْا
مَاۤ اَسْخَطَ اللّٰهَ وَكَرِهُوْا رِضْوَانَهٗ فَاَحْبَطَ اَعْمَالَهُمْ ؑ﴿٢٨﴾ اَمْ حَسِبَ
الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ اَنْ لَّنْ يُّخْرِجَ اللّٰهُ اَضْغَانَهُمْ ﴿٢٩﴾

پوءِ ڄاڻ ته الله کان سواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جي لائق نه آهي ۽ پنهجن گناهَن جي ۽ (سيني) مؤمنن ۽ مؤمنياڻين لاءِ بخشش گهر ۽ الله اوهان جي اچ وڃ جو هنڌ ۽ اوهان جي رهڻ جي جڳهه ڄاڻندو آهي (١٩). ۽ مؤمن چوندا آهن ته ڪا سورة ڇو نه نازل ڪئي ويئي؟ پوءِ جڏهن پڌريءَ معنيٰ واري سورة نازل ڪئي وڃي ۽ اُن ۾ جهاد جو ذڪر ڪيو وڃي ته جن جي دلين ۾ بيماري آهي، تن کي ڏسندين ته تو ڏانهن اُنهيءَ (ماڻهوءَ) جي نهارڻ وانگر ڏسندا آهن، جنهن کي موت (جي سڪرات) کان بيهوشي پهتي هجي، پوءِ سندن لاءِ خرابي آهي (٢٠). فرمانبرداري ڪرڻ ۽ چڱي ڳالهه چوڻ (ڪين بهتر) آهي. پوءِ جڏهن (جهاد جو) ڪم پڪو ٿي چڪي (تڏهن انڪار نه ڪن)، جيڪڏهن الله سان سچا هجن ها ته سندن لاءِ ڀلو هجي ها (٢١). پوءِ (اي ڪمزور ايمان وارؤ!) جيڪڏهن (اوهين ماڻهن جا) حاڪم ٿيو ته (اوهين) هن (ڳالهه) کي ويجها آهيو ته زمين ۾ ضرور خرابي ڪندؤ ۽ پنهنجون مائٽيون ڇنندؤ (٢٢). اِهي اُهي آهن جن کي الله لعنت ڪئي، پوءِ کين ٻوڙو ڪيائين ۽ سندن اکيون انڌيون ڪيائين (٢٣). ڇا قرآن ۾ غور نه ڪندا آهن يا (سندين) دلين تي اُنهن (دلين) جا تالا (لڳل) آهن؟ (٢۴). بيشڪ جيڪي (ماڻهو) اُن کان پوءِ جو کين هدايت (جي واٽ) پڌري ٿي پنهنجن پٺين پير ڦريا تن کي شيطان (اهو ڪم) چڱو ڪري ڏيکاريو آهي ۽ کين مهلت (هجڻ) جو وعدو ڏنو اٿس (٢٥). اِهو (سڀ) هن ڪري آهي ته جيڪي الله نازل ڪيو آهي، تنهن کي جن (ماڻهن) ناپسند ڪيو آهي، تن کي انهن (منافقن) چيو ته ڪن ڪمن ۾ اوهان جو چيو مڃينداسون ۽ الله سندين ڳجهين ڳالهين (ڪرڻ) کي ڄاڻندو آهي (٢٦). پوءِ (تڏهن سندن حال) ڪيئن ٿيندو، جڏهن ملائڪ سندن روح ڪيندا، (جنهن مهل) سندن منهن ۽ سندن پٺيون ڪُٽيندا (٢٧). اها (سزا) هِن ڪري آهي ته جنهن شيءِ الله کي ڏمرايو، تنهن جي پٺيان لڳا ۽ سندن رضامندي کي ناپسند ڪيائون، تنهن ڪري (الله) سندن عملن کي ڊٽ ڪيو (٢٨). جن جي دلين ۾ بيماري (پيل) آهي، تن ڀانيو آهي ڇا ته الله سندن (دلين جا) ساڙ ڪڏهن پڌرا نه ڪندو؟ (٢٩).

وَلَوْ نَشَآءُ لَاَرَيْنٰكَهُمْ فَلَعَرَفْتَهُمْ بِسِيْمٰهُمْ ؕ وَلَتَعْرِفَنَّهُمْ فِىْ لَحْنِ
الْقَوْلِ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ اَعْمَالَكُمْ ﴿۳۰﴾ وَلَنَبْلُوَنَّكُمْ حَتّٰى نَعْلَمَ الْمُجٰهِدِيْنَ
مِنْكُمْ وَالصّٰبِرِيْنَ ۙ وَنَبْلُوَا۟ اَخْبَارَكُمْ ﴿۳۱﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا
وَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَشَآقُّوا الرَّسُوْلَ مِنْۢ بَعْدِ مَا
تَبَيَّنَ لَهُمُ الْهُدٰى ۙ لَنْ يَّضُرُّوا اللّٰهَ شَيْـًٔا ؕ وَسَيُحْبِطُ اَعْمَالَهُمْ ﴿۳۲﴾
يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَلَا تُبْطِلُوْۤا
اَعْمَالَكُمْ ﴿۳۳﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ
مَاتُوْا وَهُمْ كُفَّارٌ فَلَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَهُمْ ﴿۳۴﴾ فَلَا تَهِنُوْا وَتَدْعُوْۤا اِلَى
السَّلْمِ ۖۗ وَاَنْتُمُ الْاَعْلَوْنَ ۖۗ وَاللّٰهُ مَعَكُمْ وَلَنْ يَّتِرَكُمْ اَعْمَالَكُمْ ﴿۳۵﴾
اِنَّمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا لَعِبٌ وَّلَهْوٌ ؕ وَاِنْ تُؤْمِنُوْا وَتَتَّقُوْا يُؤْتِكُمْ
اُجُوْرَكُمْ وَلَا يَسْـَٔلْكُمْ اَمْوَالَكُمْ ﴿۳۶﴾ اِنْ يَّسْـَٔلْكُمُوْهَا فَيُحْفِكُمْ تَبْخَلُوْا
وَيُخْرِجْ اَضْغَانَكُمْ ﴿۳۷﴾ هٰۤاَنْتُمْ هٰۤؤُلَآءِ تُدْعَوْنَ لِتُنْفِقُوْا فِىْ سَبِيْلِ
اللّٰهِ ۚ فَمِنْكُمْ مَّنْ يَّبْخَلُ ۚ وَمَنْ يَّبْخَلْ فَاِنَّمَا يَبْخَلُ عَنْ نَّفْسِهٖ ؕ
وَاللّٰهُ الْغَنِىُّ وَاَنْتُمُ الْفُقَرَآءُ ۚ وَاِنْ تَتَوَلَّوْا يَسْتَبْدِلْ قَوْمًا
غَيْرَكُمْ ۙ ثُمَّ لَا يَكُوْنُوْۤا اَمْثَالَكُمْ ﴿۳۸﴾ ع

۽ جيڪڏهن گهرون ها ته اُهي توکي ڏيکاريون ها، پوءِ سندن چهرن مان کين سڃاڻين ها ۽ ضرور کين ڳالهائڻ جي ڍنگ ۾ معلوم ڪرين ها ۽ الله اوهان جا ڪرتوت ڄاڻندو آهي (٣٠). ۽ ضرور اوهان کي پرکينداسون ته اوهان مان مجاهدن ۽ صابرن کي معلوم ڪريون ۽ اوهان جا احوال جاچيون (٣١). بيشڪ جن ڪفر ڪيو ۽ (ماڻهن کي) الله جي واٽ کان جهليو ۽ کين هدايت (جي واٽ) پڌري ٿي، تنهن کان پوءِ پيغمبر جي مخالفت ڪيائون، سي الله جو ڪجھ نقصان نه ڪندا ۽ (الله) سندن عمل سگهوئي چٽ ڪندو (٣٢). اي ايمان وارؤ! الله جو چيو مڃو ۽ پيمغبر جو چيو مڃو ۽ پنهنجا عمل نه وڃايو (٣٣). بيشڪ جن ڪفر ڪيو ۽ (ماڻهن کي) الله جي واٽ کان جهليو وري ڪافر ٿي مئا، تن کي الله ڪڏهن نه بخشيندو (٣۴). پوءِ سست نه ٿيو ۽ صلح ڏانهن نه سڏيو ۽ اوهين (ئي) غالب آهيو ۽ الله اوهان سان ساڻ آهي ۽ اوهان جي عملن کي ڪڏهن ضايع نه ڪندو (٣٥). دنيا جي حياتي ته رڳو راند ۽ تماشو آهي ۽ جيڪڏهن (اوهين) ايمان آڻيندؤ ۽ پرهيزگاري ڪندؤ ته اوهان جو اُجورو اوهان کي ڏيندو ۽ اوهان کان اوهان جو (سڀ) مال نه گهرندو (٣٦). جيڪڏهن اوهان کان (اوهان جو) مال گهري، پوءِ (گهرڻ ۾) اوهان کي تنگ ڪري ته (اُنهيءَ وقت ضرور) بخيلي ڪندؤ ۽ اُها (بخيلي) اوهان جون بدنيتون ظاهر ڪندي (٣٧). خبردار ٿجو! اوهين اُهي (ماڻهو) آهيو جو اوهان کي سڏيو وڃي ٿو ته الله جي واٽ ۾ خرچيو، پوءِ اوهان مان ڪو (ته اهڙو) آهي، جو بخيلي ٿو ڪري ۽ جيڪو بخيلي ٿو ڪري سو رڳو پاڻ سان بخيلي ٿو ڪري ۽ الله بي پرواه آهي ۽ اوهين محتاج آهيو ۽ جيڪڏهن منهن موڙيندؤ ته اوهان کان سواءِ (ٻي) ڪنهن قوم کي مٽائي آڻيندو، پوءِ اُهي اوهان جهڙا نه هوندا (٣٨).

# سُوْرَةُ الْفَتْحِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○
اِنَّا فَتَحْنَا لَكَ فَتْحًا مُّبِيْنًا ۙ﴿١﴾ لِّيَغْفِرَ لَكَ اللّٰهُ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْۢبِكَ وَ
مَا تَاَخَّرَ وَيُتِمَّ نِعْمَتَهٗ عَلَيْكَ وَيَهْدِيَكَ صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا ۙ﴿٢﴾ وَّ
يَنْصُرَكَ اللّٰهُ نَصْرًا عَزِيْزًا ﴿٣﴾ هُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ السَّكِيْنَةَ فِيْ
قُلُوْبِ الْمُؤْمِنِيْنَ لِيَزْدَادُوْٓا اِيْمَانًا مَّعَ اِيْمَانِهِمْ ؕ وَلِلّٰهِ جُنُوْدُ
السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ۙ﴿٤﴾ لِّيُدْخِلَ
الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ
فِيْهَا وَيُكَفِّرَ عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ ؕ وَكَانَ ذٰلِكَ عِنْدَ اللّٰهِ فَوْزًا
عَظِيْمًا ۙ﴿٥﴾ وَّيُعَذِّبَ الْمُنٰفِقِيْنَ وَالْمُنٰفِقٰتِ وَالْمُشْرِكِيْنَ وَ
الْمُشْرِكٰتِ الظَّآنِّيْنَ بِاللّٰهِ ظَنَّ السَّوْءِ ؕ عَلَيْهِمْ دَآئِرَةُ السَّوْءِ ۚ وَ
غَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ وَلَعَنَهُمْ وَاَعَدَّ لَهُمْ جَهَنَّمَ ؕ وَسَآءَتْ مَصِيْرًا ﴿٦﴾
وَلِلّٰهِ جُنُوْدُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ﴿٧﴾
اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّمُبَشِّرًا وَّنَذِيْرًا ۙ﴿٨﴾ لِّتُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ
رَسُوْلِهٖ وَتُعَزِّرُوْهُ وَتُوَقِّرُوْهُ ؕ وَتُسَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا ﴿٩﴾

سورة فتح مدني آهي ۽ هن ۾ اُٺـنيـه
آيتون ۽ چار رڪوع آهن.

اللہ ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

(اي پيغمبر) بيشڪ اسان تو کي پڌري فتح ڏني (١). (فتح جو نتيجو هيءُ آهي) ته تنهنجا قصور جيڪي اڳي گذريا ۽ جيڪي پوئتي رهيا سي (سڀ) الله توکي معاف ڪري ۽ تو تي پنهنجي نعمت پوري ڪري ۽ توکي سڌي واٽ ڏيکاري (٢). ۽ الله زبردست سوڀ سان توکي سوڀارو ڪري (٣). (الله) اُهو آهي، جنهن مؤمنن جي دلين ۾ سڪون نازل ڪيو ته (اُنهن جو) ايمان سندن (اڳين) ايمان سان وڌيڪ ٿئي ۽ آسمانن ۽ زمين جا لشڪر الله جا (ئي) آهن ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (۴). (آرام لاهڻ جي پچاڙي هيءَ آهي) ته مؤمنن ۽ مومنياڻين کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪري، جن جي هيٺان نهرون پيون وهن، اُتي سدائين رهندا ۽ سندن مدايون ڪائن ميٽيندو ۽ اِها الله وٽ وڏي ڪاميابي آهي (٥). ۽ (ته) منافقن ۽ منافقياڻين کي ۽ مشرڪن ۽ مشرڪياڻين کي عذاب ڪري جي الله بابت تمام بڇڙو گمان ڀائيندڙ آهن، شال مصيبت مٿن هجي! ۽ مٿن الله ڏمريو ۽ کين لعنت ڪيائين ۽ انهن لاءِ دوزخ تيار ڪيائين ۽ (دوزخ) بڇڙو هنڌ آهي (٦). ۽ آسمانن ۽ زمين جا لشڪر الله جا آهن ۽ الله غالب حڪمت وارو آهي (٧). بيشڪ اسان تو کي شاهدي ڏيندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو (٨). ته (اي مؤمنؤ!) اوهين الله ۽ سندس پيغمبر تي ايمان آڻيو ۽ سندس (دين جي) مدد ڪريو ۽ سندس عزت ڪريو ۽ صبح ۽ سانجهيءَ جو الله کي پاڪائيءَ سان ساراهيو (٩).

إِنَّ الَّذِيْنَ يُبَايِعُوْنَكَ إِنَّمَا يُبَايِعُوْنَ اللّٰهَ ۗ يَدُ اللّٰهِ فَوْقَ أَيْدِيْهِمْ ۚ
فَمَنْ نَّكَثَ فَإِنَّمَا يَنْكُثُ عَلٰى نَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ أَوْفٰى بِمَا عٰهَدَ عَلَيْهُ
اللّٰهَ فَسَيُؤْتِيْهِ أَجْرًا عَظِيْمًا ﴿١٠﴾ سَيَقُوْلُ لَكَ الْمُخَلَّفُوْنَ مِنَ
الْأَعْرَابِ شَغَلَتْنَآ أَمْوَالُنَا وَأَهْلُوْنَا فَاسْتَغْفِرْ لَنَا ۚ يَقُوْلُوْنَ
بِأَلْسِنَتِهِمْ مَّا لَيْسَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ ۗ قُلْ فَمَنْ يَّمْلِكُ لَكُمْ مِّنَ
اللّٰهِ شَيْئًا إِنْ أَرَادَ بِكُمْ ضَرًّا أَوْ أَرَادَ بِكُمْ نَفْعًا ۗ بَلْ كَانَ اللّٰهُ بِمَا
تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿١١﴾ بَلْ ظَنَنْتُمْ أَنْ لَّنْ يَّنْقَلِبَ الرَّسُوْلُ وَالْمُؤْمِنُوْنَ
إِلٰٓى أَهْلِيْهِمْ أَبَدًا وَّزُيِّنَ ذٰلِكَ فِيْ قُلُوْبِكُمْ وَظَنَنْتُمْ ظَنَّ السَّوْءِ ۚ
وَكُنْتُمْ قَوْمًا بُوْرًا ﴿١٢﴾ وَمَنْ لَّمْ يُؤْمِنْ بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ فَإِنَّآ
أَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ سَعِيْرًا ﴿١٣﴾ وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضِ ۗ
يَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ ۗ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿١٤﴾
سَيَقُوْلُ الْمُخَلَّفُوْنَ إِذَا انْطَلَقْتُمْ إِلٰى مَغَانِمَ لِتَأْخُذُوْهَا
ذَرُوْنَا نَتَّبِعْكُمْ ۚ يُرِيْدُوْنَ أَنْ يُّبَدِّلُوْا كَلٰمَ اللّٰهِ ۗ قُلْ لَّنْ
تَتَّبِعُوْنَا كَذٰلِكُمْ قَالَ اللّٰهُ مِنْ قَبْلُ ۚ فَسَيَقُوْلُوْنَ
بَلْ تَحْسُدُوْنَنَا ۗ بَلْ كَانُوْا لَا يَفْقَهُوْنَ إِلَّا قَلِيْلًا ﴿١٥﴾

بيشڪ جيڪي توسان بيعت ڪندا آهن، سي الله ئي جي بيعت ڪندا آهن، سندن هٿن مٿان الله جو هٿ آهي، پوءِ جيڪو (انجام) ڀڃندو سو رڳو پنهنجي جِيءَ (جي جوکي) لاءِ ٿو ڀڃي ۽ جنهن (ڳالهه) تي الله سان انجام ڪيو اٿس، تنهن کي جيڪو پورو ڪندو، پوءِ سگهو تنهن کي (الله) وڏو اجر ڏيندو (١٠). (اي پيغمبر!) بدوين مان پوئتي رهيل تو کي چوندا ته اسان کي پنهنجن مالن ۽ پنهنجن گهر جي ڀاتين رجهايو، تنهن ڪري اسان لاءِ بخشش گهر، پنهنجن زبانن سان اُها (ڳالهه) چوندا جا سندن دلين ۾ نه آهي، ڪين چؤ ته جيڪڏهن (الله) اوهان کي ڏک پهچائڻ جو ارادو ڪري يا اوهان کي سک پهچائڻ جو ارادو ڪري ته الله جي سامهون اوهان لاءِ ڪير ڪجهه ڪري سگهي ٿو؟ بلڪ جيڪي ڪندا آهيو، تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي (١١). (نه) بلڪ ڀانيوَ ته پيغمبر ۽ مؤمن پنهنجن گهروارن ڏانهن اصلي ڪڏهن نه موٽندا ۽ اهو (گمان) اوهان جي دلين ۾ چڱو (ڪري) ڏيکاريو ويو ۽ (تمام) بڇڙو گمان ڀانيوَ ۽ (اوهين) هلاڪ ٿيل قوم ٿيؤ (١٢). ۽ جنهن الله ۽ سندس پيغمبر تي ايمان نه آندو ته بيشڪ اسان انهن ڪافرن لاءِ ٻرندڙ باهه تيار ڪئي آهي (١٣). ۽ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي خاص الله جي آهي، جنهن کي وڻيس تنهن کي بخشي ۽ جنهن کي وڻيس تنهن کي عذاب ڪري ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (١٤). جڏهن غنيمتن جي هٿ ڪرڻ لاءِ ويندؤ، تڏهن پوئتي رهيل چوندا ته اسان کي ڇڏيو ته اوهان سان هلون. گهرندا آهن ته الله جي وعدي جي مخالفت ڪن. ڪين چؤ ته اسان سان ڪڏهن نه هلندؤ، اهڙيءَ طرح الله اڳي ئي فرمائي ڇڪو آهي، پوءِ سگهو چوندا ته (ائين نه آهي) بلڪ اوهين اسان سان حسد ٿا ڪريو، بلڪ (هميشه) ٿورڙي کان سواءِ (ڪجهه به) نه سمجهندا هئا (١٥).

قُلْ لِّلْمُخَلَّفِيْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ سَتُدْعَوْنَ اِلٰى قَوْمٍ اُولِىْ بَاْسٍ
شَدِيْدٍ تُقَاتِلُوْنَهُمْ اَوْ يُسْلِمُوْنَ ۚ فَاِنْ تُطِيْعُوْا يُؤْتِكُمُ اللّٰهُ اَجْرًا
حَسَنًا ۚ وَاِنْ تَتَوَلَّوْا كَمَا تَوَلَّيْتُمْ مِّنْ قَبْلُ يُعَذِّبْكُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿۱۶﴾
لَيْسَ عَلَى الْاَعْمٰى حَرَجٌ وَّلَا عَلَى الْاَعْرَجِ حَرَجٌ وَّلَا عَلَى الْمَرِيْضِ
حَرَجٌ ؕ وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ يُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِىْ مِنْ تَحْتِهَا
الْاَنْهٰرُ ۚ وَمَنْ يَّتَوَلَّ يُعَذِّبْهُ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿۱۷﴾ ع لَقَدْ رَضِىَ اللّٰهُ عَنِ
الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ يُبَايِعُوْنَكَ تَحْتَ الشَّجَرَةِ فَعَلِمَ مَا فِىْ قُلُوْبِهِمْ
فَاَنْزَلَ السَّكِيْنَةَ عَلَيْهِمْ وَاَثَابَهُمْ فَتْحًا قَرِيْبًا ﴿۱۸﴾ لا وَّمَغَانِمَ كَثِيْرَةً
يَّاْخُذُوْنَهَا ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ﴿۱۹﴾ وَعَدَكُمُ اللّٰهُ مَغَانِمَ
كَثِيْرَةً تَاْخُذُوْنَهَا فَعَجَّلَ لَكُمْ هٰذِهٖ وَكَفَّ اَيْدِىَ النَّاسِ
عَنْكُمْ ۚ وَلِتَكُوْنَ اٰيَةً لِّلْمُؤْمِنِيْنَ وَيَهْدِيَكُمْ صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا ﴿۲۰﴾ لا
وَّاُخْرٰى لَمْ تَقْدِرُوْا عَلَيْهَا قَدْ اَحَاطَ اللّٰهُ بِهَا ؕ وَكَانَ اللّٰهُ
عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرًا ﴿۲۱﴾ وَلَوْ قٰتَلَكُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوَلَّوُا
الْاَدْبَارَ ثُمَّ لَا يَجِدُوْنَ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا ﴿۲۲﴾ سُنَّةَ اللّٰهِ الَّتِىْ
قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلُ ۖۚ وَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّةِ اللّٰهِ تَبْدِيْلًا ﴿۲۳﴾

(اي پيغمبر!) پوئتي رهيلن بدوين کي چؤ ته، سخت ويڙهه واريءَ قوم (جي جنگ) ڏانهن (اوهين) سگهو سڏيا ويندؤ جو ساڻن ويڙهه ڪندؤ يا ته (اُهي) مسلمان ٿيندا. پوءِ جيڪڏهن چيو مڃيندؤ ته الله اوهان کي چڱو اَجُر ڏيندو ۽ جيڪڏهن (ائين) ڦرندؤ جيئن (اوهين هن کان) اڳ ڦريا هيؤ ته (الله) اوهان کي ڏکوئيندڙ عذاب جي سزا ڏيندو (١٦). (اهڙي جهاد کان رهڻ ۾) نڪي انڌي تي ڪو گناهه آهي ۽ نڪي منڊي تي ڪو گناهه آهي ۽ نڪي بيمار تي ڪو گناهه آهي ۽ جيڪو الله ۽ سندس پيغمبر جو چيو مڃيندو تنهن کي (الله اهڙن) باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون پيون وهن ۽ جيڪو ڦرندو، تنهن کي ڏکوئيندڙ عذاب جي سزا ڏيندو (١٧). بيشڪ الله مؤمنن کان (اُنهيءَ وقت) راضي ٿيو، جنهن وقت وڻ هيٺ توسان بيعت ٿي ڪيائون، پوءِ جيڪي سندين دلين ۾ هو سو ڄاتائين، پوءِ مٿن (دل جو) سڪون لاٿائين ۽ کين هڪ ويجهي سوڀ انعام ڏنائين (١٨). ۽ گهڻيون غنيمتون (به)، جو انهن کي (اُهي) هٿ آڻيندا ۽ الله غالب حڪمت وارو آهي (١٩). الله اوهان کي گهڻين غنيمتن جو وعدو ڏنو آهي، جن کي (اوهين) هٿ آڻيندؤ، پوءِ (هينئر) هيءُ (خيبر جون غنيمتون) اوهان کي جلد عطا ڪيائين ۽ اوهان کان ماڻهن جا هٿ جهلي ڇڏيائين ۽ (اُهو) هن لاءِ ته مؤمنن لاءِ اها هڪ (قدرت جي) نشاني هجي ۽ اوهان کي (الله) سڌو رستو ڏيکاري (٢٠). ۽ ٻيون (غنيمتون به) جن تي قادر نه ٿيا آهيو. بيشڪ الله کي انهن جي خبر آهي. ۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي (٢١). ۽ جيڪڏهن ڪافر اوهان سان جنگ ڪن ها ته ضرور (پنهنجون) پٺيون ڦيرائين ها، وري نه ڪو دوست ۽ نه ڪو مددگار لهن ها (٢٢). الله جو قانون (ائين آهي) جو (هن کان) اڳ هليو ايندو آهي ۽ الله جي دستور کي ڪڏهن ڪا ڦيرڦار نه ڏسندين (٢٣).

وَهُوَ الَّذِىْ كَفَّ اَيْدِيَهُمْ عَنْكُمْ وَاَيْدِيَكُمْ عَنْهُمْ بِبَطْنِ مَكَّةَ
مِنْۢ بَعْدِ اَنْ اَظْفَرَكُمْ عَلَيْهِمْ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرًا ﴿۲۴﴾
هُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْكُمْ عَنِ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ وَالْهَدْىَ
مَعْكُوْفًا اَنْ يَّبْلُغَ مَحِلَّهٗ ؕ وَلَوْلَا رِجَالٌ مُّؤْمِنُوْنَ وَنِسَآءٌ مُّؤْمِنٰتٌ
لَّمْ تَعْلَمُوْهُمْ اَنْ تَطَـُٔوْهُمْ فَتُصِيْبَكُمْ مِّنْهُمْ مَّعَرَّةٌ ۢ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۚ
لِيُدْخِلَ اللّٰهُ فِىْ رَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ۚ لَوْ تَزَيَّلُوْا لَعَذَّبْنَا الَّذِيْنَ
كَفَرُوْا مِنْهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿۲۵﴾ اِذْ جَعَلَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِىْ
قُلُوْبِهِمُ الْحَمِيَّةَ حَمِيَّةَ الْجَاهِلِيَّةِ فَاَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ
عَلٰى رَسُوْلِهٖ وَعَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَاَلْزَمَهُمْ كَلِمَةَ التَّقْوٰى وَ
كَانُوْٓا اَحَقَّ بِهَا وَاَهْلَهَا ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَىْءٍ عَلِيْمًا ﴿۲۶﴾ ع
لَقَدْ صَدَقَ اللّٰهُ رَسُوْلَهُ الرُّءْيَا بِالْحَقِّ ۚ لَتَدْخُلُنَّ الْمَسْجِدَ
الْحَرَامَ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ اٰمِنِيْنَ ۙ مُحَلِّقِيْنَ رُءُوْسَكُمْ وَمُقَصِّرِيْنَ ۙ
لَا تَخَافُوْنَ ؕ فَعَلِمَ مَا لَمْ تَعْلَمُوْا فَجَعَلَ مِنْ دُوْنِ ذٰلِكَ فَتْحًا
قَرِيْبًا ﴿۲۷﴾ هُوَ الَّذِىْٓ اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰى وَدِيْنِ الْحَقِّ
لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا ﴿۲۸﴾ ؕ

۽ (الله) اُهو آهي جنهن ڪافرن جا هٿ اوهان کان ۽ اوهان جا هٿ انهن کان مڪي جي وِچ ۾ اوهان کي مٿن سوڀاري ڪرڻ کان پوءِ روڪيا ۽ جيڪي ڪندا آهيو، تنهن کي الله ڏسندڙ آهي (٢٤). اِهي (قريش) اُهي آهن، جن ڪفر ڪيو ۽ اوهان کي مسجد حرام کان جهليو ۽ قربانيءَ کي بہ (جهلي ڇڏيائون) جو پنهنجيءَ جاءِ تي پهچڻ کان روڪيل رهي ۽ جيڪڏهن (اهڙا ڪي) مڙس مؤمن ۽ (ڪي) زالون مؤمنياڻيون (مڪي ۾) نہ هجن ها، جن کي اوهان نہ ڄاڻندا آهيو، (اِنهيءَ خيال ڪري) تہ (متان) کين لتاڙي ڇڏيو، پوءِ بي خبريءَ ۾ انهن جو اوهان کي گناه پهچي (تہ هاڻي ئي فتح ٿئي ها!) (پر دير هن ڪري آهي) تہ الله جنهن کي گهري (تنهن کي) پنهنجيءَ ٻاجھ ۾ داخل ڪري. جيڪڏهن (ٻئي ٽوليون) ڌار هجن ها تہ ضرور مڪي وارن مان ڪافرن کي ڏکوئيندڙ عذاب (جي) سزا ڏيون ها (٢٥). جڏهن ڪافرن پنهنجن دلين ۾ جاهليت جو جوش پيدا ڪيو، تڏهن الله پنهنجي پيغمبر تي ۽ مؤمن تي پنهنجو آرام نازل ڪيو ۽ کين پرهيزگاريءَ جي ڳالھ تي قائم رکيائين ۽ (اهي) اِن جا وڌيڪ حقدار ۽ اُن جا لائق هئا ۽ الله سيڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي (٢٦). بيشڪ الله پنهنجي پيغمبر کي (هر طرح جو واقعي موافق) خواب سچو ڏيکاريو، تہ جيڪڏهن الله گهريو تہ پنهنجا مٿا ڪوڙائي ۽ وار ڪترائي مسجد حرام ۾ بي ڀوا تي ضرور گهڙندؤ ۽ نہ ڊڄندؤ. پوءِ (اوهين) جيڪي نہ ڄاڻندا آهيو، سو الله ڄاتو، تنهن ڪري اِن (مڪي جي فتح) کان اڳ (خيبر جي) فتح (الله) ويجهي مقرر ڪئي (٢٧). (الله) اُهو آهي، جنهن پنهنجي پيغمبر کي هدايت ۽ سچي دين سان موڪليو تہ اُن کي (ٻين) سڀني دينن تي غالب ڪري ۽ الله (حق) ظاهر ڪندڙ ڪافي آهي (٢٨).

مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ؕ وَالَّذِیْنَ مَعَهٗۤ اَشِدَّآءُ عَلَی الْكُفَّارِ رُحَمَآءُ بَیْنَهُمْ
تَرٰىهُمْ رُكَّعًا سُجَّدًا یَّبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَ رِضْوَانًا ؗ سِیْمَاهُمْ فِیْ
وُجُوْهِهِمْ مِّنْ اَثَرِ السُّجُوْدِ ؕ ذٰلِكَ مَثَلُهُمْ فِی التَّوْرٰىةِ ۛۖ وَ مَثَلُهُمْ فِی
الْاِنْجِیْلِ ۛ۫ كَزَرْعٍ اَخْرَجَ شَطْـَٔهٗ فَاٰزَرَهٗ فَاسْتَغْلَظَ فَاسْتَوٰى
عَلٰى سُوْقِهٖ یُعْجِبُ الزُّرَّاعَ لِیَغِیْظَ بِهِمُ الْكُفَّارَ ؕ وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِیْنَ
اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ مِنْهُمْ مَّغْفِرَةً وَّ اَجْرًا عَظِیْمًا ۲۹ ع

## سُوْرَةُ الْحُجُرٰتِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

یٰۤاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا لَا تُقَدِّمُوْا بَیْنَ یَدَیِ اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ
اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِیْعٌ عَلِیْمٌ ۱ یٰۤاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا لَا تَرْفَعُوْۤا
اَصْوَاتَكُمْ فَوْقَ صَوْتِ النَّبِیِّ وَ لَا تَجْهَرُوْا لَهٗ بِالْقَوْلِ كَجَهْرِ
بَعْضِكُمْ لِبَعْضٍ اَنْ تَحْبَطَ اَعْمَالُكُمْ وَ اَنْتُمْ لَا تَشْعُرُوْنَ ۲ اِنَّ
الَّذِیْنَ یَغُضُّوْنَ اَصْوَاتَهُمْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُولٰٓىٕكَ الَّذِیْنَ
امْتَحَنَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ لِلتَّقْوٰى ؕ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّ اَجْرٌ عَظِیْمٌ ۳ اِنَّ
الَّذِیْنَ یُنَادُوْنَكَ مِنْ وَّرَآءِ الْحُجُرٰتِ اَكْثَرُهُمْ لَا یَعْقِلُوْنَ ۴

محمد(ﷺ) الله جو موڪليل آهي ۽ جيڪي سندس گڏ آهن، سي ڪافرن تي ڏاڍا سخت آهن (۽) پاڻ ۾ (هڪ ٻئي تي وڏيڪ) مهربان آهن، (اي ڏسندڙ) کين رڪوع ڪندڙ (۽) سجدو ڪندڙ ڏسندو آهين. الله جو فضل ۽ رضامندي طلبيندا آهن. سندن (نيڪ بختيءَ جي) نشاني سندن منهن ۾ سجدي جي اثر کان (پڌري) آهي. اهو (جيڪي بيان ڪيو ويو سو) سندن (حال جو) قصو توريت ۾ (بيان ٿيل) آهي ۽ سندن مثال (جو قصو) انجيل ۾ (بہ بيان ٿيل آهي تہ اِهي) اُنهيءَ پوک وانگر آهن، جنهن پنهنجو (سائو) سلو ڪڍيو، پوءِ ان (سَلي) کي مضبوط ڪيائين، پوءِ ٿلهو ٿيو، پوءِ پنهنجن ڏانڊين تي (سڌو) بيٺو جو ڪڙمين کي پيو وڻي (اسلامي غلبي جو بہ آخر اهڙو حال آهي). تہ (الله) ڪافرن کي اِنهن (مؤمنن جي ڏسڻ) ڪري ڪاوڙائي، جن ايمان آندو آهي ۽ منجهانئن (جن) چڱا ڪم ڪيا (تن مڙني کي) بخشش ۽ وڏي اجر جو الله انجام ڏنو آهي (٢٩).

سورة حجرات مدني آهي ۽ هن ۾ ارڙهن
آيتون ۽ ٻہ رڪوع آهن.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اي ايمان وارؤ! (اوهين) الله ۽ سندس پيغمبر جي آڏو (ڪنهن ڳالھ ۾) اڳرائي نہ ڪريو ۽ الله کان ڊڄو، ڇو تہ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (١). اي ايمان وارؤ! پنهنجا آواز پيغمبر جي آواز کان مٿي نہ ڪريو ۽ جيئن اوهان جو هڪ ٻئي سان وڏي سڏ ڳالهائڻ آهي (تيئن) ساڻس ڳالھ ڏاڍيان نہ ڳالهايو جو متان اوهان جا عمل ڊٽ ٿي وڃن ۽ اوهين نہ ڄاڻندا هجو (٢). بيشڪ جيڪي پنهنجن آوازن کي الله جي پيغمبر جي آڏو جهڪو ڪندا آهن، اِهي اُهي آهن جن جي دلين کي الله پرهيزگاريءَ (جي پڌري ڪرڻ) لاءِ آزمايو آهي، انهن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي (٣). بيشڪ جيڪي حجرن جي ٻاهران توکي سڏيندا آهن، تن مان گهڻا بي سمجھ آهن (٤).

وَلَوْ اَنَّهُمْ صَبَرُوْا حَتّٰى تَخْرُجَ اِلَيْهِمْ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ
رَّحِيْمٌ ﴿٥﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنْ جَآءَكُمْ فَاسِقٌۢ بِنَبَاٍ فَتَبَيَّنُوْۤا اَنْ
تُصِيْبُوْا قَوْمًۢا بِجَهَالَةٍ فَتُصْبِحُوْا عَلٰى مَا فَعَلْتُمْ نٰدِمِيْنَ ﴿٦﴾ وَاعْلَمُوْۤا
اَنَّ فِيْكُمْ رَسُوْلَ اللّٰهِ ؕ لَوْ يُطِيْعُكُمْ فِيْ كَثِيْرٍ مِّنَ الْاَمْرِ لَعَنِتُّمْ وَ
لٰكِنَّ اللّٰهَ حَبَّبَ اِلَيْكُمُ الْاِيْمَانَ وَزَيَّنَهٗ فِيْ قُلُوْبِكُمْ وَكَرَّهَ اِلَيْكُمُ
الْكُفْرَ وَالْفُسُوْقَ وَالْعِصْيَانَ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الرّٰشِدُوْنَ ﴿٧﴾ فَضْلًا
مِّنَ اللّٰهِ وَنِعْمَةً ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٨﴾ وَاِنْ طَآئِفَتٰنِ مِنَ
الْمُؤْمِنِيْنَ اقْتَتَلُوْا فَاَصْلِحُوْا بَيْنَهُمَا ۚ فَاِنْۢ بَغَتْ اِحْدٰىهُمَا عَلَى
الْاُخْرٰى فَقَاتِلُوا الَّتِيْ تَبْغِيْ حَتّٰى تَفِيْٓءَ اِلٰۤى اَمْرِ اللّٰهِ ۚ فَاِنْ فَآءَتْ
فَاَصْلِحُوْا بَيْنَهُمَا بِالْعَدْلِ وَاَقْسِطُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ ﴿٩﴾
اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ اِخْوَةٌ فَاَصْلِحُوْا بَيْنَ اَخَوَيْكُمْ وَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ
تُرْحَمُوْنَ ﴿١٠﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا يَسْخَرْ قَوْمٌ مِّنْ قَوْمٍ عَسٰۤى اَنْ
يَّكُوْنُوْا خَيْرًا مِّنْهُمْ وَلَا نِسَآءٌ مِّنْ نِّسَآءٍ عَسٰۤى اَنْ يَّكُنَّ خَيْرًا
مِّنْهُنَّ ۚ وَلَا تَلْمِزُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَلَا تَنَابَزُوْا بِالْاَلْقَابِ ؕ بِئْسَ الِاسْمُ
الْفُسُوْقُ بَعْدَ الْاِيْمَانِ ۚ وَمَنْ لَّمْ يَتُبْ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿١١﴾

۽ جيڪڏهن اُهي (ايستائين) صبر ڪن ها جيستائين انهن ڏانهن ٻاهر اچين تہ انهن لاءِ ڀلو هجي ها ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (٥). اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن ڪو بدڪار ڪا خبر اوهان وٽ آڻي تہ جاچ ڪريو جو (متان) ڪنهن قوم کي بي خبريءَ سان نقصان پهچايو، پوءِ جيڪي اوهان ڪري چڪؤ، تنهن تي پشيمان ٿيو (٦). ۽ ڄاڻو تہ اوهان ۾ الله جو پيغمبر آهي، جيڪڏهن گهڻن ڪمن ۾ هو اوهان جو چيو مڃيندو تہ (اوهين) ڏکيا ٿيندؤ، پر الله اوهان وٽ ايمان کي پيارو ڪرايو ۽ اوهان جي دلين ۾ اُن کي سينگاريائين ۽ اوهان وٽ ڪفر ۽ بي ديني ۽ گناهہ کي ناپسند ڪرايائين، اِهي ئي سڌي رستي وارا آهن (٧). الله جي فضل ۽ احسان سان ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (٨). ۽ جيڪڏهن مومنن جون ٻہ ٽوليون پاڻ ۾ وڙهن تہ سندن وچ ۾ پرچاءُ ڪريو، پوءِ جيڪڏهن (انهن) ٻنهي مان هڪڙي (ٽولي) ٻئي تي زيادتي ڪري تہ جيڪا (ٽولي) زيادتي ٿي ڪري، تنهن سان (اوهين ايستائين) وڙهو جيستائين الله جي حڪم ڏانهن موٽي اچي، پوءِ جيڪڏهن موٽي آئي تہ سندن وچ ۾ انصاف سان پرچاءُ ڪريو ۽ انصاف سان هلو، ڇو تہ الله انصاف وارن کي پيارو رکندو آهي (٩). مومن (حقيقت ڪري هڪ ٻئي جا) ڀائر آهن، تنهن ڪري پنهنجن ٻنهي ڀائرن جي وچ ۾ پرچاءُ ڪريو ۽ الله کان ڊڄو تہ مَن اوهان تي ٻاجهہ ڪئي وڃي (١٠). اي ايمان وارؤ! ڪا ٽولي ڪنهن ٽوليءَ تي ٺٺولي نہ ڪري، جو متان (اُهي حقيقت ڪري) ڪانئن ڀلا هجن ۽ نہ زالون ٻين زالن سان (ٺٺوليون ڪن) جو متان اُهي ڪانئن ڀليون هجن ۽ نہ کي پاڻ ۾ (هڪ ٻئي کي) عيب لايو ۽ نہ کي هڪ ٻئي کي بڇڙن لقبن سان سڏيو (جو) ايمان آڻڻ کان پوءِ بڇڙائي جو نالو (وٺڻ) خراب آهي ۽ جن توبهہ نہ ڪئي سي ئي ظالم آهن (١١).

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اجْتَنِبُوْا كَثِيْرًا مِّنَ الظَّنِّ اِنَّ بَعْضَ الظَّنِّ
اِثْمٌ وَّلَا تَجَسَّسُوْا وَلَا يَغْتَبْ بَّعْضُكُمْ بَعْضًا اَيُحِبُّ اَحَدُكُمْ اَنْ يَّاْكُلَ
لَحْمَ اَخِيْهِ مَيْتًا فَكَرِهْتُمُوْهُ وَاتَّقُوا اللّٰهَ اِنَّ اللّٰهَ تَوَّابٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٢﴾
يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّا خَلَقْنٰكُمْ مِّنْ ذَكَرٍ وَّاُنْثٰى وَجَعَلْنٰكُمْ شُعُوْبًا وَّقَبَآئِلَ
لِتَعَارَفُوْا اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ خَبِيْرٌ ﴿١٣﴾
قَالَتِ الْاَعْرَابُ اٰمَنَّا قُلْ لَّمْ تُؤْمِنُوْا وَلٰكِنْ قُوْلُوْٓا اَسْلَمْنَا وَلَمَّا
يَدْخُلِ الْاِيْمَانُ فِيْ قُلُوْبِكُمْ وَاِنْ تُطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ لَا يَلِتْكُمْ
مِّنْ اَعْمَالِكُمْ شَيْئًا اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٤﴾ اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ
اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ثُمَّ لَمْ يَرْتَابُوْا وَجٰهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَ
اَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اُولٰٓئِكَ هُمُ الصّٰدِقُوْنَ ﴿١٥﴾ قُلْ
اَتُعَلِّمُوْنَ اللّٰهَ بِدِيْنِكُمْ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا
فِي الْاَرْضِ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿١٦﴾ يَمُنُّوْنَ عَلَيْكَ اَنْ اَسْلَمُوْا
قُلْ لَّا تَمُنُّوْا عَلَيَّ اِسْلَامَكُمْ بَلِ اللّٰهُ يَمُنُّ عَلَيْكُمْ اَنْ
هَدٰىكُمْ لِلْاِيْمَانِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١٧﴾ اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ
غَيْبَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَاللّٰهُ بَصِيْرٌ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٨﴾ ع

اي ايمان وارؤ! گهڻي (۽ تورِيءَ) بدگمانيءَ (ڪرڻ) کان پاڻ پليو، ڇو تہ ڪا بدگماني ڪرڻ گناه آهي ۽ نہ ڪي جاسوسي ڪريو ۽ نہ ڪو اوهان مان هڪ ٻئي جي گلا ڪري، ڀلا اوهان مان ڪو هڪڙو پنهنجي مئي ڀاءُ جو گوشت کائڻ پسند ڪندو آهي ڇا، جنهن کان نفرت ڪندا آهيو؟ ۽ الله کان ڊڄو، ڇو تہ الله توبه قبول ڪندڙ مهربان آهي (١٢). اي انسانؤ! بيشڪ اسان اوهان کي هڪ نر ۽ هڪ ماديءَ مان پيدا ڪيو ۽ اوهان کي ذاتيون ۽ پاڙا ڪيوسون تہ (اوهين پاڻ ۾) هڪ ٻئي کي سڃاڻو. بيشڪ اوهان مان وڌيڪ مان وارو الله وٽ اُهو آهي، جيڪو اوهان مان وڌيڪ پرهيزگار آهي، بيشڪ الله (سڀ) ڄاڻندڙ خبر رکندڙ آهي (١٣). بدوي چوندا آهن تہ، ايمان آندو اٿؤن (اي پيغمبر کين) چؤ تہ، (حقيقت ڪري) ايمان نہ آندو اٿوَ، پر (ائين) چئو تہ اسين مسلمان ٿيا آهيون ۽ اڃا اوهان جي دلين ۾ ايمان گهڙيو (ئي) نہ آهي ۽ جيڪڏهن الله ۽ سندس پيغمبر جو چيو مڃيندؤ تہ اوهان جي عملن مان اوهان کي ڪجهہ (بہ) گهٽ نہ ڏيندو، ڇو تہ الله بخشڻهار مهربان آهي (١٤). (حقيقت ۾) مؤمن رڳو اُهي آهن، جن الله ۽ سندس پيغمبر تي ايمان آندو، وري (ڪو) شڪ نہ ڪيائون ۽ الله جي واٽ ۾ پنهنجن مالن ۽ پنهنجن جُسن سان جهاد ڪيائون، اِهي ئي سچا آهن (١٥). (اي پيغمبر! کين) چئو تہ، پنهنجو دين الله کي جتائيندا آهيو ڇا؟ ۽ جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو (سڀ) الله ڄاڻندو آهي ۽ الله سڀڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي (١٦). (اي پيغمبر!) اسلام آڻڻ جو تو تي احسان رکندا آهن، (کين) چؤ تہ، مون تي پنهنجي اسلام (آڻڻ) جو احسان نہ رکو، بلڪ اوهان تي الله احسان رکندو آهي، جو اوهان کي ايمان جي هدايت ڪيائين، جيڪڏهن (اوهين) سچا آهيو، (تہ اِها ڳالهہ سچي ڄاڻو) (١٧). بيشڪ الله آسمانن ۽ زمين جو ڳجهہ ڄاڻندو آهي. ۽ جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي (١٨).

# سُوْرَةُ قٓ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

قٓ ۚ وَالْقُرْاٰنِ الْمَجِيْدِ ﴿١﴾ بَلْ عَجِبُوْٓا اَنْ جَآءَهُمْ مُّنْذِرٌ مِّنْهُمْ

فَقَالَ الْكٰفِرُوْنَ هٰذَا شَيْءٌ عَجِيْبٌ ﴿٢﴾ ءَاِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا ۚ

ذٰلِكَ رَجْعٌۢ بَعِيْدٌ ﴿٣﴾ قَدْ عَلِمْنَا مَا تَنْقُصُ الْاَرْضُ مِنْهُمْ ۚ وَعِنْدَنَا

كِتٰبٌ حَفِيْظٌ ﴿٤﴾ بَلْ كَذَّبُوْا بِالْحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمْ فَهُمْ فِيْٓ اَمْرٍ مَّرِيْجٍ ﴿٥﴾

اَفَلَمْ يَنْظُرُوْٓا اِلَى السَّمَآءِ فَوْقَهُمْ كَيْفَ بَنَيْنٰهَا وَزَيَّنّٰهَا وَمَا لَهَا

مِنْ فُرُوْجٍ ﴿٦﴾ وَالْاَرْضَ مَدَدْنٰهَا وَاَلْقَيْنَا فِيْهَا رَوَاسِيَ وَاَنْۢبَتْنَا

فِيْهَا مِنْ كُلِّ زَوْجٍۢ بَهِيْجٍ ﴿٧﴾ تَبْصِرَةً وَّذِكْرٰى لِكُلِّ عَبْدٍ مُّنِيْبٍ ﴿٨﴾

وَنَزَّلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً مُّبٰرَكًا فَاَنْۢبَتْنَا بِهٖ جَنّٰتٍ وَّحَبَّ الْحَصِيْدِ ﴿٩﴾

وَالنَّخْلَ بٰسِقٰتٍ لَّهَا طَلْعٌ نَّضِيْدٌ ﴿١٠﴾ رِّزْقًا لِّلْعِبَادِ ۙ وَاَحْيَيْنَا بِهٖ

بَلْدَةً مَّيْتًا ۭ كَذٰلِكَ الْخُرُوْجُ ﴿١١﴾ كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ وَّاَصْحٰبُ

الرَّسِّ وَثَمُوْدُ ﴿١٢﴾ وَعَادٌ وَّفِرْعَوْنُ وَاِخْوَانُ لُوْطٍ ﴿١٣﴾ وَّاَصْحٰبُ

الْاَيْكَةِ وَقَوْمُ تُبَّعٍ ۭ كُلٌّ كَذَّبَ الرُّسُلَ فَحَقَّ وَعِيْدِ ﴿١٤﴾

اَفَعَيِيْنَا بِالْخَلْقِ الْاَوَّلِ ۭ بَلْ هُمْ فِيْ لَبْسٍ مِّنْ خَلْقٍ جَدِيْدٍ ﴿١٥﴾ ع

سورة ق مکي آهي ۽ هن ۾ پنجيتاليه
آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

ق۔ سڳوري قرآن جو قسم آهي (ته تون الله جو پيغمبر آهين) (١). بلڪ (مڪي وارن) پنهنجيءَ قوم منجهان پاڻ وٽ هڪ ڏيڃاريندڙ جي اچڻ جو عجب ڪيو، پوءِ ڪافرن چيو ته، هيءَ عجيب ڳالهه آهي (٢). ڀلا جڏهن مرنداسون ۽ مٽي ٿينداسون (تڏهن وري جيئرا ٿينداسون ڇا؟) اِهو (وري جيئرو ڪري) موٽائڻ (عقل کان) پري آهي (٣). انهن (جي جسمن) مان جيڪي زمين (ڳاري) گهٽائيندي آهي، سو بہ بيشڪ ڄاتو اٿئون ۽ اسان وٽ هڪ حفاظت ڪندڙ ڪتاب آهي (۴). بلڪ سچو دين جڏهن وٽن آيو (تڏهن) ان کي ڪوڙ ڄاتائون، پوءِ اُهي وچڙيل ڳالهه ۾ (اَڙيل) آهن (٥). پوءِ آسمان جو سندن مٿان آهي، تنهن ڏانهن نہ ڏٺو اٿن ڇا؟ تہ ان کي ڪيئن بڻايو اٿئون ۽ ان کي (ڪيئن) سينگاريو اٿئون ۽ ان ۾ ڪا قوت نہ آهي (٦). ۽ زمين کي پکيڙيوسون ۽ منجهس جبل کوڙياسون ۽ منجهس سڀڪنهن وڻندڙ جنس مان (سلا) ڄماياسون (٧). سڀڪنهن (الله ڏانهن) ورندڙ ٻانهي جي واٽ ڏيکارڻ ۽ نصيحت ڏيڻ لاءِ (٨). ۽ آسمان کان برڪت وارو پاڻي لاٿوسون، پوءِ ان سان باغ ۽ لڻڻ واري پوک جو اَن ڄمايوسون (٩). ۽ ڊگهيون کجيون (بہ) جن جا گوشا (ڏوڪن سان) سٽيل آهن (١٠). ٻانهن جي روزي (ڏيڻ) لاءِ. ۽ اُن سان ويران شهر کي آباد ڪيوسون، اهڙيءَ طرح (اوهان جو قبرن مان وري جيئرو ٿي) نڪرڻ آهي (١١). ڪائن اڳ نوح جي قوم ۽ رس (جي شهر) وارن ۽ ثمود (قوم) ڪوڙ ڀانيو (١٢). ۽ عاد ۽ فرعون ۽ لوط جي ڀائرن (١٣). ۽ ايڪه وارن ۽ تُبع جي قوم، هر هڪ پيغمبرن کي ڪوڙو ڄاتو، پوءِ (مٿن) منهنجي عذاب جو انجام لازم ٿيو (١۴). پهرين (ڀيري جي) خلقڻ ۾ (ڪو) ٿڪا آهيون ڇا؟ (نہ) بلڪ اُهي نئين سر پيدا ڪرڻ کان شڪ ۾ آهن (١٥).

وَلَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ وَنَعْلَمُ مَا تُوَسْوِسُ بِهٖ نَفْسُهٗ ۖۚ وَنَحْنُ اَقْرَبُ
اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ ﴿١٦﴾ اِذْ يَتَلَقَّى الْمُتَلَقِّيٰنِ عَنِ الْيَمِيْنِ وَعَنِ
الشِّمَالِ قَعِيْدٌ ﴿١٧﴾ مَا يَلْفِظُ مِنْ قَوْلٍ اِلَّا لَدَيْهِ رَقِيْبٌ عَتِيْدٌ ﴿١٨﴾ وَ
جَآءَتْ سَكْرَةُ الْمَوْتِ بِالْحَقِّ ؕ ذٰلِكَ مَا كُنْتَ مِنْهُ تَحِيْدُ ﴿١٩﴾ وَنُفِخَ
فِى الصُّوْرِ ؕ ذٰلِكَ يَوْمُ الْوَعِيْدِ ﴿٢٠﴾ وَجَآءَتْ كُلُّ نَفْسٍ مَّعَهَا سَآئِقٌ
وَّشَهِيْدٌ ﴿٢١﴾ لَقَدْ كُنْتَ فِىْ غَفْلَةٍ مِّنْ هٰذَا فَكَشَفْنَا عَنْكَ غِطَآءَكَ
فَبَصَرُكَ الْيَوْمَ حَدِيْدٌ ﴿٢٢﴾ وَقَالَ قَرِيْنُهٗ هٰذَا مَا لَدَىَّ عَتِيْدٌ ؕ ﴿٢٣﴾
اَلْقِيَا فِىْ جَهَنَّمَ كُلَّ كَفَّارٍ عَنِيْدٍ ۙ﴿٢٤﴾ مَّنَّاعٍ لِّلْخَيْرِ مُعْتَدٍ مُّرِيْبِ ۙ﴿٢٥﴾
اۨلَّذِىْ جَعَلَ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَاَلْقِيٰهُ فِى الْعَذَابِ الشَّدِيْدِ ﴿٢٦﴾
قَالَ قَرِيْنُهٗ رَبَّنَا مَاۤ اَطْغَيْتُهٗ وَلٰكِنْ كَانَ فِىْ ضَلٰلٍۭ بَعِيْدٍ ﴿٢٧﴾ قَالَ
لَا تَخْتَصِمُوْا لَدَىَّ وَقَدْ قَدَّمْتُ اِلَيْكُمْ بِالْوَعِيْدِ ﴿٢٨﴾ مَا يُبَدَّلُ الْقَوْلُ
لَدَىَّ وَمَاۤ اَنَا بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ﴿٢٩﴾ ع يَوْمَ نَقُوْلُ لِجَهَنَّمَ هَلِ امْتَلَاْتِ
وَتَقُوْلُ هَلْ مِنْ مَّزِيْدٍ ﴿٣٠﴾ وَاُزْلِفَتِ الْجَنَّةُ لِلْمُتَّقِيْنَ غَيْرَ بَعِيْدٍ ﴿٣١﴾
هٰذَا مَا تُوْعَدُوْنَ لِكُلِّ اَوَّابٍ حَفِيْظٍ ﴿٣٢﴾ ۚ مَنْ خَشِىَ الرَّحْمٰنَ بِالْغَيْبِ
وَجَآءَ بِقَلْبٍ مُّنِيْبِۨ ۙ﴿٣٣﴾ اۨدْخُلُوْهَا بِسَلٰمٍ ؕ ذٰلِكَ يَوْمُ الْخُلُوْدِ ﴿٣٤﴾

۽ بيشڪ ماڻهوءَ کي پيدا ڪيوسون ۽ سندس نفس کيس جيڪو وسوسو وجهندو آهي سو به ڄاڻندا آهيون ۽ اسين ڏانهنس (سندس) ساه جي رڳ کان وڌيڪ ويجها آهيون (١٦). جڏهن به لکندڙ (هڪ) سڄي پاسي کان ۽ ٻيو کٻي پاسي کان وهندڙ لکندا آهن (١٧). ڪا ڳالهه نه ڳالهائيندو آهي، جنهن جي لاءِ وٽس هڪ نگهبان موجود نه آهي (١٨). ۽ موت جي سختي سچ پچ ايندي، (چئبو ته) اها (سزا) آهي، جنهن کان پاسو ڪندو هئين (١٩). ۽ صور ۾ ڦوڪيو ويندو، اهو عذاب جي انجام جو ڏينهن آهي (٢٠). ۽ هر هڪ ماڻهو ايندو جو ساڻس هڪ هڪليندڙ ۽ هڪ شاهد هوندو (٢١). (چئبو ته) بيشڪ هن (ڳالهه) کان بي خبريءَ ۾ هئين هاڻي تو کان تنهنجو پردو کوليوسون، تنهن ڪري اڄ تنهنجي نگاه تکي آهي (٢٢). ۽ سندس سنگتي (ملائڪ) چوندو ته جيڪي مون وٽ (لکيل) موجود هو سو هيءُ آهي (٢٣). (چئبو ته) اي ٻئي (ملائڪؤ!) سڀڪنهن ناشڪر هٺيلي کي دوزخ ۾ اڇليو (٢٤). (جو) خير کان جهليندڙ، حد کان لنگهندڙ، شڪ ڪندڙ آهي (٢٥). جنهن الله سان ٻيو معبود ٺهرايو اهڙي (هرهڪ) کي سخت عذاب ۾ اڇليو (٢٦). سندس سنگتي (شيطان) چوندو ته، اي منهنجا پالڻهار! مون ان کي گمراه نه ڪيو هو، پر اُهو (پاڻ) وڏيءَ گمراهيءَ ۾ (پيل) هو (٢٧). (الله) چوندو ته مون وٽ جهڳڙو نه ڪريو، هن هوندي جو بيشڪ اوهان ڏانهن عذاب جو انجام (هن کان) اڳي موڪليو هوم (٢٨). نه ڪي مون وٽ انجام ڦيرائبو آهي ۽ نه ڪي آءٌ ٻانهن تي ظلم ڪرڻ وارو آهيان (٢٩). جنهن ڏينهن دوزخ کي چونداسون ته ڀريو آهين (يا نه؟) ۽ (هو) چوندو ته (ٻيو به) ڪجهه (اجا هن کان) وڌيڪ آهي ڇا؟ (٣٠). ۽ بهشت پرهيزگارن لاءِ ويجهو ڪبو. پري نه (هوندو) (٣١). (چئبو ته) جنهن جو اوهان کي سڀڪنهن (الله ڏانهن) رجوع ڪرڻ واري ۽ ادب نگاه رکڻ واري لاءِ انجام ڏبو هو سو هيءُ آهي (٣٢). جيڪو پريٺ ٻاجهاري (الله) کان ڊنو ۽ (الله ڏانهن) رجوع ٿيل دل سان آيو، (تنهن لاءِ نه) (٣٣). (چئبو ته) سلامتيءَ سان بهشت ۾ گهڙو، اهو سدائين رهڻ جو ڏينهن آهي (٣٤).

لَهُمْ مَّا يَشَآءُوْنَ فِيْهَا وَلَدَيْنَا مَزِيْدٌ ﴿٣٥﴾ وَكَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ
مِّنْ قَرْنٍ هُمْ اَشَدُّ مِنْهُمْ بَطْشًا فَنَقَّبُوْا فِي الْبِلَادِ ؕ هَلْ مِنْ مَّحِيْصٍ ﴿٣٦﴾
اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَذِكْرٰى لِمَنْ كَانَ لَهٗ قَلْبٌ اَوْ اَلْقَى السَّمْعَ وَهُوَ
شَهِيْدٌ ﴿٣٧﴾ وَلَقَدْ خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا فِيْ سِتَّةِ
اَيَّامٍ ۖۗ وَّمَا مَسَّنَا مِنْ لُّغُوْبٍ ﴿٣٨﴾ فَاصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَسَبِّحْ
بِحَمْدِ رَبِّكَ قَبْلَ طُلُوْعِ الشَّمْسِ وَقَبْلَ الْغُرُوْبِ ﴿٣٩﴾ ۚ وَمِنَ الَّيْلِ
فَسَبِّحْهُ وَاَدْبَارَ السُّجُوْدِ ﴿٤٠﴾ وَاسْتَمِعْ يَوْمَ يُنَادِ الْمُنَادِ مِنْ مَّكَانٍ
قَرِيْبٍ ﴿٤١﴾ ۙ يَّوْمَ يَسْمَعُوْنَ الصَّيْحَةَ بِالْحَقِّ ؕ ذٰلِكَ يَوْمُ الْخُرُوْجِ ﴿٤٢﴾
اِنَّا نَحْنُ نُحْيٖ وَنُمِيْتُ وَاِلَيْنَا الْمَصِيْرُ ﴿٤٣﴾ ۙ يَوْمَ تَشَقَّقُ الْاَرْضُ عَنْهُمْ
سِرَاعًا ؕ ذٰلِكَ حَشْرٌ عَلَيْنَا يَسِيْرٌ ﴿٤٤﴾ نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَا يَقُوْلُوْنَ وَمَآ
اَنْتَ عَلَيْهِمْ بِجَبَّارٍ ۣ فَذَكِّرْ بِالْقُرْاٰنِ مَنْ يَّخَافُ وَعِيْدِ ﴿٤٥﴾ ع

## سُوْرَةُ الذّٰرِيٰتِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

وَالذّٰرِيٰتِ ذَرْوًا ﴿١﴾ ۙ فَالْحٰمِلٰتِ وِقْرًا ﴿٢﴾ ۙ فَالْجٰرِيٰتِ يُسْرًا ﴿٣﴾ ۙ فَالْمُقَسِّمٰتِ
اَمْرًا ﴿٤﴾ ۙ اِنَّمَا تُوْعَدُوْنَ لَصَادِقٌ ﴿٥﴾ ۙ وَّاِنَّ الدِّيْنَ لَوَاقِعٌ ﴿٦﴾ ؕ

جيڪي گهرندا سو منجهس انهن لاءِ (موجود) آهي ۽ اسان وٽ (ان ڪان) وڌيڪ به آهي (٣٥). ۽ انهن کان اڳ ڪيترائي جُڳ هلاڪ ڪياسين، جي حملي ڪرڻ ۾ انهن کان به تمام ڏاڍا هئا، پوءِ شهرن ۾ ڳولا ڪرڻ لڳا ته ڪا (ڀڄڻ جي) واهه آهي؟ (٣٦). بيشڪ انهيءَ ڳالهه ۾ انهيءَ لاءِ نصيحت آهي، جنهن کي دل هجي يا جو دل لائي ڪن ڏئي (٣٧). ۽ بيشڪ آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي ٻنهي جي وچ ۾ آهي، تنهن کي ڇهن ڏينهن ۾ بڻايوسون ۽ اسان کي ڪو ٿڪ نه ٿيو (٣٨). پوءِ (اي پيغمبر!) جيڪي (ڪافر) چوندا آهن، تنهن تي صبر ڪر ۽ سج اڀرڻ کان اڳ ۽ لهڻ کان اڳ پنهنجي پالڻهار جي پاڪائي، ساراهه سان بيان ڪر (٣٩). ۽ ڪجهه (مهل) رات جو الله کي پاڪائيءَ سان ساراهه ۽ نماز کان پوءِ به (٤٠). ۽ (هيءَ ڳالهه) ٻڌ ته جنهن ڏينهن ويجهي هنڌ کان سڏيندڙ سڏيندو (٤١). جنهن ڏينهن سچ پچ سخت هڪل ٻڌندا، اُهو (ڏينهن قبرن مان انهن جي) نڪرڻ جو ڏينهن آهي (٤٢). بيشڪ اسين جيارئيندا آهيون ۽ ماريندا آهيون ۽ اسان ڏانهن موٽڻ آهي (٤٣). جنهن ڏينهن زمين انهن (جي مٿي) کان ڦاٽندي (تنهن ڏينهن) ڊوڙندا (ٻاهر ايندا)_ اهو گڏ ڪرڻ اسان تي آسان آهي (٤٤). جيڪي ڪافر چوندا آهن، سو اسين چڱيءَ طرح ڄاڻندا آهيون ۽ تون مٿن (ڪو) ڏاڍ ڪرڻ وارو نه آهين، پوءِ جيڪو منهنجي عذاب جي دڙڪي کان ڊڄي تنهن کي قرآن سان سمجهاءِ (٤٥).

**سورة ذاريات مڪي آهي ۽ هن ۾ سٺ آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.**

**الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)**

قسم آهي اُڏائڻ واري (هوائن) جو، جو (خاڪ کي) اُڏائين (١). پوءِ (پاڻيءَ جي) بار کڻڻ وارن (ڪڪرن) جو قسم آهي (٢). پوءِ آسانيءَ سان هلندڙ (ٻيڙين) جو قسم آهي (٣). پوءِ ڪم ورهائڻ وارن (ملائڪن) جو قسم آهي (٤). ته بيشڪ جيڪو اوهان سان انجام ڪجي ٿو سو سچ آهي (٥). ۽ بيشڪ (عملن جو) بدلو ضرور ٿيڻو آهي (٦).

وَالسَّمَآءِ ذَاتِ الْحُبُكِ ۝۷ اِنَّكُمْ لَفِيْ قَوْلٍ مُّخْتَلِفٍ ۝۸ يُّؤْفَكُ عَنْهُ
مَنْ اُفِكَ ۝۹ قُتِلَ الْخَرّٰصُوْنَ ۝۱۰ الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ غَمْرَةٍ سَاهُوْنَ ۝۱۱
يَسْـَٔلُوْنَ اَيَّانَ يَوْمُ الدِّيْنِ ۝۱۲ يَوْمَ هُمْ عَلَى النَّارِ يُفْتَنُوْنَ ۝۱۳ ذُوْقُوْا
فِتْنَتَكُمْ ؕ هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تَسْتَعْجِلُوْنَ ۝۱۴ اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ
وَّعُيُوْنٍ ۝۱۵ اٰخِذِيْنَ مَآ اٰتٰىهُمْ رَبُّهُمْ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَبْلَ ذٰلِكَ
مُحْسِنِيْنَ ۝۱۶ كَانُوْا قَلِيْلًا مِّنَ الَّيْلِ مَا يَهْجَعُوْنَ ۝۱۷ وَبِالْاَسْحَارِ هُمْ
يَسْتَغْفِرُوْنَ ۝۱۸ وَفِيْٓ اَمْوَالِهِمْ حَقٌّ لِّلسَّآئِلِ وَالْمَحْرُوْمِ ۝۱۹ وَفِي
الْاَرْضِ اٰيٰتٌ لِّلْمُوْقِنِيْنَ ۝۲۰ وَفِيْٓ اَنْفُسِكُمْ ؕ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ ۝۲۱ وَفِي
السَّمَآءِ رِزْقُكُمْ وَمَا تُوْعَدُوْنَ ۝۲۲ فَوَرَبِّ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ اِنَّهٗ لَحَقٌّ
مِّثْلَ مَآ اَنَّكُمْ تَنْطِقُوْنَ ۝۲۳ هَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ ضَيْفِ اِبْرٰهِيْمَ
الْمُكْرَمِيْنَ ۝۲۴ اِذْ دَخَلُوْا عَلَيْهِ فَقَالُوْا سَلٰمًا ؕ قَالَ سَلٰمٌ ۚ قَوْمٌ مُّنْكَرُوْنَ ۝۲۵
فَرَاغَ اِلٰٓى اَهْلِهٖ فَجَآءَ بِعِجْلٍ سَمِيْنٍ ۝۲۶ فَقَرَّبَهٗٓ اِلَيْهِمْ قَالَ اَلَا
تَاْكُلُوْنَ ۝۲۷ فَاَوْجَسَ مِنْهُمْ خِيْفَةً ؕ قَالُوْا لَا تَخَفْ ؕ وَبَشَّرُوْهُ بِغُلٰمٍ
عَلِيْمٍ ۝۲۸ فَاَقْبَلَتِ امْرَاَتُهٗ فِيْ صَرَّةٍ فَصَكَّتْ وَجْهَهَا وَقَالَتْ عَجُوْزٌ
عَقِيْمٌ ۝۲۹ قَالُوْا كَذٰلِكِ ۙ قَالَ رَبُّكِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْحَكِيْمُ الْعَلِيْمُ ۝۳۰

واتن واري آسمان جو قسم آهي (٧). ته (اوهين) پاڻ ۾ تڪرار واريءَ
هڪ ڳالهه ۾ (پيل) آهيو (٨). ان (قرآن) کان اُهو ڦيرايو ويندو آهي،
جيڪو (ازل ۾ نيڪيءَ کان) ڦيرايل آهي (٩). اُنهن ڪوڙ هڻندڙن کي
لعنت ڪئي ويئي (١٠). جيڪي اڻڄاڻائي ۾ غافل آهن (١١). پڇندا آهن
ته قيامت جو ڏينهن ڪڏهن ٿيندو؟ (١٢). (هائو!) اُنهيءَ ڏينهن جو اُنهن
کي باهه ۾ عذاب ڪبو (١٣). (چئبو ته) پنهنجو عذاب چکو، هيءُ اُهو
آهي، جنهن کي اوهين جلد گهرندا هيوَ (١٤). بيشڪ پرهيزگار باغن ۽
چشمن ۾ هوندا (١٥). جيڪي سندن پالڻهار کين ڏنو سو وٺڻ وارا هوندا،
بيشڪ اُهي هن کان اڳ چڱائي ڪندڙ هئا (١٦). (اهڙا هئا جو) رات جو
تمام ٿورو سمهندا هئا (١٧). ۽ اُهي اَسُر جو بخشش گهرندا هئا (١٨). ۽
سندن مالن ۾ سوال ڪندڙ ۽ نه سوال ڪندڙ محتاج (ٻنهي) جو حصو
(ٺهرايل) هو (١٩). ۽ يقين ڪندڙن لاءِ زمين ۾ (گهڻيون) نشانيون
آهن (٢٠). ۽ اوهان جي وجودن ۾ به. پوءِ اوهين نه ٿا ڏسو ڇا؟ (٢١). ۽
اوهان جي روزي آسمان ۾ آهي ۽ اُهو (به) جنهن جو اوهان کي انجام ڏجي
ٿو (٢٢). پوءِ آسمان ۽ زمين جي رب جو قسم آهي ته اِها خبر سچي آهي،
جهڙيءَ طرح اوهين ڳالهائيندا آهيو (٢٣). ابراهيم جي سڳورن مهمانن جي
خبر تو وٽ (نه) آئي آهي ڇا؟ (٢٤). جڏهن اُهي وٽس آيا. تڏهن سلام
چيائون، هن (به جواب ۾) سلام چيو، (دل ۾ چاتائين ته هي) اوپرا ماڻهو
آهن (٢٥). پوءِ پنهنجي گهروارن ڏانهن تکو هليو ۽ ٿلهو گابو (پچائي)
آندائين (٢٦). پوءِ اُهو انهن کي ويجهو ڪيائين، چيائين ته ڇو نه ٿا
کائو؟ (٢٧). پوءِ کانئن دل ۾ ڊپ محسوس ڪيائين، چيائون ته نه ڊڄ- ۽
ان کي هڪ داناءُ نينگر جي مبارڪ ڏنائون (٢٨). پوءِ سندس زال دانهون
ڪندي سامهون آئي، پوءِ (عجب کان) پنهنجو منهن پٽيائين ۽ چيائين ته
ٻڍڙي سنڍ (ڄڻيندي ڇا؟) (٢٩). چيائون ته، ائين ئي تنهنجي پالڻهار فرمايو
آهي، ڇو ته اُهو حڪمت وارو ڄاڻندڙ آهي (٣٠).

قَالَ فَمَا خَطْبُكُمْ اَيُّهَا الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٣١﴾ قَالُوْٓا اِنَّآ
اُرْسِلْنَآ اِلٰى قَوْمٍ مُّجْرِمِيْنَ ﴿٣٢﴾ لِنُرْسِلَ عَلَيْهِمْ حِجَارَةً مِّنْ طِيْنٍ ﴿٣٣﴾ مُّسَوَّمَةً
عِنْدَ رَبِّكَ لِلْمُسْرِفِيْنَ ﴿٣٤﴾ فَاَخْرَجْنَا مَنْ كَانَ فِيْهَا مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٣٥﴾
فَمَا وَجَدْنَا فِيْهَا غَيْرَ بَيْتٍ مِّنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٣٦﴾ وَتَرَكْنَا فِيْهَآ اٰيَةً
لِّلَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ ﴿٣٧﴾ وَفِيْ مُوْسٰٓى اِذْ اَرْسَلْنٰهُ اِلٰى
فِرْعَوْنَ بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٨﴾ فَتَوَلّٰى بِرُكْنِهٖ وَقَالَ سٰحِرٌ اَوْ مَجْنُوْنٌ ﴿٣٩﴾
فَاَخَذْنٰهُ وَجُنُوْدَهٗ فَنَبَذْنٰهُمْ فِى الْيَمِّ وَهُوَ مُلِيْمٌ ﴿٤٠﴾ وَفِيْ عَادٍ
اِذْ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمُ الرِّيْحَ الْعَقِيْمَ ﴿٤١﴾ مَا تَذَرُ مِنْ شَيْءٍ اَتَتْ
عَلَيْهِ اِلَّا جَعَلَتْهُ كَالرَّمِيْمِ ﴿٤٢﴾ وَفِيْ ثَمُوْدَ اِذْ قِيْلَ لَهُمْ تَمَتَّعُوْا
حَتّٰى حِيْنٍ ﴿٤٣﴾ فَعَتَوْا عَنْ اَمْرِ رَبِّهِمْ فَاَخَذَتْهُمُ الصّٰعِقَةُ وَ
هُمْ يَنْظُرُوْنَ ﴿٤٤﴾ فَمَا اسْتَطَاعُوْا مِنْ قِيَامٍ وَّمَا كَانُوْا مُنْتَصِرِيْنَ ﴿٤٥﴾
وَقَوْمَ نُوْحٍ مِّنْ قَبْلُ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿٤٦﴾ وَ
السَّمَآءَ بَنَيْنٰهَا بِاَيْىدٍ وَّاِنَّا لَمُوْسِعُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَالْاَرْضَ فَرَشْنٰهَا
فَنِعْمَ الْمٰهِدُوْنَ ﴿٤٨﴾ وَمِنْ كُلِّ شَيْءٍ خَلَقْنَا زَوْجَيْنِ لَعَلَّكُمْ
تَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٩﴾ فَفِرُّوْٓا اِلَى اللّٰهِ اِنِّيْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٥٠﴾

(ابراهيم) چيو ته، اي قاصدؤ! اوهان جو ڪهڙو غرض آهي؟ (٣١). چيائون ته، بيشڪ اسين هڪڙي ڏوهاري قوم ڏانهن موڪليا ويا آهيون (٣٢). ته مٿن مٽيءَ جا ڳوڙها وسايون (٣٣). جي حد کان لنگهندڙن لاءِ تنهنجي پالڻهار وٽ نشان ڪيل آهن (٣٤). پوءِ مؤمنن مان جيڪو اُتي هو تنهن کي ٻاهر ڪڍيوسون (٣٥). پوءِ اُتي مسلمانن جي هڪ گهر کان سواءِ (ٻيو ڪو گهر) نه ڏٺوسون (٣٦). ۽ جيڪي ڏکوئيندڙ عذاب کان ڊڄندا آهن، تن لاءِ اُتي (عبرت لاءِ) نشاني ڇڏي سون (٣٧). ۽ موسيٰ (جي قصي) ۾ (به عبرت آهي) جڏهن کيس پڌري دليل سان فرعون ڏانهن موڪليوسون (٣٨). پوءِ هن پنهنجي لشڪر سميت مُنهن موڙيو، چيائين ته (هيءُ) جادوگر يا چريو آهي (٣٩). تنهن ڪري ان کي ۽ سندس لشڪر کي پڪڙيوسون، پوءِ انهن کي ملامت وارو ڪري سمنڊ ۾ اڇليوسون (٤٠). ۽ عاد جي (قصي) ۾ (به عبرت آهي) جڏهن اهڙو بي برڪت واءُ موڪليوسون (٤١). جو جنهن شيءِ تي اچي پهچي تنهن کي ڳريل هڏي وانگر ڪرڻ کان سواءِ نه ڇڏي (٤٢). ۽ ثمود (جي قصي) ۾ (به عبرت آهي) جڏهن کين چيو ويو ته، (اوهين) هڪ مدت تائين مزا ماڻيو (٤٣). پوءِ پنهنجي پالڻهار جو حڪم (مڃڻ) کان هٺ ڪيائون، تنهن ڪري سندن ڏسندي کين (هڪ) سخت ڪڙڪي ورتو (٤٤). پوءِ نڪي اُٿي سگهيا ۽ نڪي وير وٺڻ وارا هئا (٤٥). ۽ (هن کان) اڳ نوح جي قوم (کي هلاڪ ڪيوسون) ڇو جو اهي بدڪار ماڻهو هئا (٤٦). ۽ آسمان کي (پنهنجيءَ) قوت سان بڻايوسون ۽ بيشڪ اسين سگهارا آهيون (٤٧). ۽ زمين کي پکيڙيوسون جو چڱا پکيڙيندڙ آهيون (٤٨). ۽ سڀڪنهن شيءِ مان جوڙو جوڙو بڻايوسون ته مَن اوهين نصيحت وٺو (٤٩). تنهن ڪري (اي پيغمبر! منهنجن ٻانهن کي چؤ ته) الله ڏانهن ڀڄو، بيشڪ آءٌ سندن طرف کان اوهان لاءِ پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان (٥٠).

وَلَا تَجْعَلُوا مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ ؕ اِنِّیْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِیْرٌ مُّبِیْنٌ ﴿٥١﴾ كَذٰلِكَ
مَاۤ اَتَى الَّذِیْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا قَالُوْا سَاحِرٌ اَوْ مَجْنُوْنٌ ﴿٥٢﴾
اَتَوَاصَوْا بِهٖ ۚ بَلْ هُمْ قَوْمٌ طَاغُوْنَ ﴿٥٣﴾ فَتَوَلَّ عَنْهُمْ فَمَاۤ اَنْتَ بِمَلُوْمٍ ﴿٥٤﴾
وَّذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰى تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِیْنَ ﴿٥٥﴾ وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْاِنْسَ
اِلَّا لِیَعْبُدُوْنِ ﴿٥٦﴾ مَاۤ اُرِیْدُ مِنْهُمْ مِّنْ رِّزْقٍ وَّمَاۤ اُرِیْدُ اَنْ
یُّطْعِمُوْنِ ﴿٥٧﴾ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الرَّزَّاقُ ذُو الْقُوَّةِ الْمَتِیْنُ ﴿٥٨﴾ فَاِنَّ
لِلَّذِیْنَ ظَلَمُوْا ذَنُوْبًا مِّثْلَ ذَنُوْبِ اَصْحٰبِهِمْ فَلَا یَسْتَعْجِلُوْنِ ﴿٥٩﴾
فَوَیْلٌ لِّلَّذِیْنَ كَفَرُوْا مِنْ یَّوْمِهِمُ الَّذِیْ یُوْعَدُوْنَ ﴿٦٠﴾

## سُوْرَةُ الطُّوْرِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ○

وَالطُّوْرِ ﴿١﴾ وَكِتٰبٍ مَّسْطُوْرٍ ﴿٢﴾ فِیْ رَقٍّ مَّنْشُوْرٍ ﴿٣﴾ وَّالْبَیْتِ الْمَعْمُوْرِ ﴿٤﴾
وَالسَّقْفِ الْمَرْفُوْعِ ﴿٥﴾ وَالْبَحْرِ الْمَسْجُوْرِ ﴿٦﴾ اِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ لَوَاقِعٌ ﴿٧﴾
مَّا لَهٗ مِنْ دَافِعٍ ﴿٨﴾ یَّوْمَ تَمُوْرُ السَّمَآءُ مَوْرًا ﴿٩﴾ وَّتَسِیْرُ الْجِبَالُ سَیْرًا ﴿١٠﴾
فَوَیْلٌ یَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِیْنَ ﴿١١﴾ الَّذِیْنَ هُمْ فِیْ خَوْضٍ یَّلْعَبُوْنَ ﴿١٢﴾ یَوْمَ
یُدَعُّوْنَ اِلٰى نَارِ جَهَنَّمَ دَعًّا ﴿١٣﴾ هٰذِهِ النَّارُ الَّتِیْ كُنْتُمْ بِهَا تُكَذِّبُوْنَ ﴿١٤﴾

۽ الله سان (ٻيو) ڪو معبود نہ ٺهرايو، بيشڪ آءٌ سندس پار کان اوهان لاءِ پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان (٥١). اهڙيءَ طرح جيڪي انهن کان اڳ هئا تن وٽ ڪوبہ پيغمبر نہ آيو، جو ان کي جادوگر يا چريو (سڏڻ) کان سواءِ ٻيو ڪي نہ چيائون (٥٢). ان (چوڻ) جي هڪ ٻئي کي وصيت ڪندا آهن ڇا؟ (نہ!) بلڪ اهي نافرمان قوم آهن (٥٣). تنهن ڪري (اي پيغمبر!) ڪائن منهن موڙ هاڻي تون ميار وارو نہ آهين (٥٤). ۽ سمجهاڻي ڏيندو رهہ، ڇوتہ سمجهاڻ مؤمنن کي فائدو ڏيندو آهي (٥٥). ۽ جنن ۽ ماڻهن کي (ٻئي ڪنهن ڪم لاءِ) نہ پيدا ڪيوسون، سواءِ هن جي تہ منهنجي عبادت ڪن (٥٦). نڪي کانئن ڪا روزي ٿو گهران ۽ نڪي گهران ٿو تہ مون کي کارائين (٥٧). بيشڪ الله ئي روزي ڏيندڙ آهي جو تمام سگهارو زبردست آهي (٥٨). پوءِ بيشڪ جن ظلم ڪيو تن لاءِ سندن يارن جي سزا جهڙو عذاب (جو ڀاڱو) آهي پوءِ مون کان جلد (عذاب) نہ گهرن (٥٩). پوءِ ڪافرن لاءِ سندن ان ڏينهن کان ويل آهي، جنهن جو کين دڙڪو ڏنو ويجي ٿو (٦٠).

سورة طور مکي آهي ۽ هن ۾ اٺونجاهہ آيتون ۽ ٻہ رڪوع آهن.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

(جبل) طور جو قسم آهي (١). ۽ لکيل ڪتاب جو (قسم آهي) (٢). جو کليل ورقن ۾ لکيل آهي (٣). ۽ آباد گهر جو (قسم آهي) (٤). ۽ مٿاهينءَ ڇت جو (قسم آهي) (٥). ۽ ڀامندڙ سمنڊ جو (قسم آهي) (٦). تہ بيشڪ تنهنجي پالڻهار جو عذاب ضرور ٿيڻو آهي (٧). اُن کي ڪوبہ ٽارڻ وارو ڪونهي (٨). جنهن ڏينهن آسمان موج هڻي چرندو (٩). ۽ جبل چڱيءَ طرح هلندا (١٠). تنهن ڏينهن اُنهن ڪوڙ ڀائيندڙن لاءِ ويل آهي (١١). جيڪي اجائي ڳالهائڻ ۾ راند ڪندا آهن (١٢). جنهن ڏينهن دوزخ جي باهہ ڏانهن ڌڪا ڏيئي روانا ڪبا (١٣). (تنهن ڏيهن چئبن تہ) هيءَ اُها باهہ آهي، جنهن کي (اوهين) ڪوڙ ڀائيندا هيؤ (١٤).

اِصْلَوْهَا فَاصْبِرُوْٓا اَوْ لَا تَصْبِرُوْا ۚ اَفَسِحْرٌ هٰذَآ اَمْ اَنْتُمْ لَا تُبْصِرُوْنَ ﴿١٥﴾
سَوَآءٌ عَلَيْكُمْ ؕ اِنَّمَا تُجْزَوْنَ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٦﴾ اِنَّ
الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّنَعِيْمٍ ﴿١٧﴾ فٰكِهِيْنَ بِمَآ اٰتٰهُمْ رَبُّهُمْ ۚ وَوَقٰهُمْ
رَبُّهُمْ عَذَابَ الْجَحِيْمِ ﴿١٨﴾ كُلُوْا وَاشْرَبُوْا هَنِيْٓـًٔا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٩﴾
مُتَّكِـِٕيْنَ عَلٰى سُرُرٍ مَّصْفُوْفَةٍ ۚ وَزَوَّجْنٰهُمْ بِحُوْرٍ عِيْنٍ ﴿٢٠﴾ وَالَّذِيْنَ
اٰمَنُوْا وَاتَّبَعَتْهُمْ ذُرِّيَّتُهُمْ بِاِيْمَانٍ اَلْحَقْنَا بِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ وَمَآ
اَلَتْنٰهُمْ مِّنْ عَمَلِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ ؕ كُلُّ امْرِئٍۢ بِمَا كَسَبَ رَهِيْنٌ ﴿٢١﴾
وَاَمْدَدْنٰهُمْ بِفَاكِهَةٍ وَّلَحْمٍ مِّمَّا يَشْتَهُوْنَ ﴿٢٢﴾ يَتَنَازَعُوْنَ فِيْهَا
كَاْسًا لَّا لَغْوٌ فِيْهَا وَلَا تَاْثِيْمٌ ﴿٢٣﴾ وَيَطُوْفُ عَلَيْهِمْ غِلْمَانٌ لَّهُمْ
كَاَنَّهُمْ لُؤْلُؤٌ مَّكْنُوْنٌ ﴿٢٤﴾ وَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ
يَّتَسَآءَلُوْنَ ﴿٢٥﴾ قَالُوْٓا اِنَّا كُنَّا قَبْلُ فِيْٓ اَهْلِنَا مُشْفِقِيْنَ ﴿٢٦﴾ فَمَنَّ
اللّٰهُ عَلَيْنَا وَوَقٰىنَا عَذَابَ السَّمُوْمِ ﴿٢٧﴾ اِنَّا كُنَّا مِنْ قَبْلُ
نَدْعُوْهُ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْبَرُّ الرَّحِيْمُ ﴿٢٨﴾ فَذَكِّرْ فَمَآ اَنْتَ بِنِعْمَتِ رَبِّكَ
بِكَاهِنٍ وَّلَا مَجْنُوْنٍ ﴿٢٩﴾ اَمْ يَقُوْلُوْنَ شَاعِرٌ نَّتَرَبَّصُ بِهٖ
رَيْبَ الْمَنُوْنِ ﴿٣٠﴾ قُلْ تَرَبَّصُوْا فَاِنِّيْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُتَرَبِّصِيْنَ ﴿٣١﴾

هيءُ جادو آهي ڇا يا اوهين نہ ٿا ڏسو؟ (١٥). اُن ۾ گهڙو پوءِ صبر
ڪريو يا نہ صبر ڪريو، (تہ)اوهان تي هڪ جهڙي (ڳالهہ) آهي، جيڪي
اوهين ڪندا هيؤ، رڳو تنهن جو بدلو اوهان کي ڏنو ويندو (١٦). بيشڪ
پرهيزگار باغن ۽ نعمتن ۾ هوندا (١٧). جيڪا (نعمت) کين سندن پالڻهار
ڏني تنهن سان خوش هوندا ۽ (انهي ڪري بہ خوش هوندا جو) سندن پالڻهار
کين دوزخ جي عذاب کان بچايو (١٨). (چئبن تہ) انهيءَ ڪري جو (چڱا)
ڪم ڪندا هيؤ، مزي سان کائو ۽ پيئو (١٩). هڪ ٻئي جي برابر
وڇايل پلنگن تي ٽيڪ ڏيئي ويٺل هوندا ۽ کين وڏين اکين وارين
حورن سان پرڻائينداسون (٢٠). ۽ جن ايمان آندو ۽ سندن اولاد ايمان سان
سندن پيروي ڪئي، تن سان سندن اولاد کي (جنت ۾) ملائينداسون ۽
کين سندن عملن مان ڪجهہ (ذرو) بہ نہ گهٽائينداسون، هر هڪ ماڻهو
جيڪي ڪمايو تنهن ۾ (اُهو پاڻ) ڳهہ ٿيل آهي (٢١). ۽ انهن کي ميوو ۽
گوشت جنهن (قسم) مان گهرندا (تنهن مان) پيا ڏينداسون (٢٢). اُتي
شراب جا پيالا هڪ ٻئي کان پيا وٺندا، جنهن ۾ نڪي بڪ بڪ ۽ نڪو
گناه ۾ پوڻ هوندو (٢٣). ۽ وٽن اهڙا نينگر سندن آسپاس (خدمت لاءِ) پيا
ايندا ويندا جو ڄڻڪ اُهي ڍڪيل موتي آهن (٢۴). ۽ انهن مان هڪڙا ٻين
ڏانهن پاڻ ۾ پڇا ڪرڻ لاءِ منهن ڪندا (٢٥). چوندا تہ بيشڪ اسين هن
کان اڳ پنهنجن گهروارن ۾ ڊڄندڙ هئاسون (٢٦). پوءِ الله اسان تي (وڏو)
احسان ڪيو ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچايائين (٢٧). بيشڪ
اسين هن کان اڳ کيس سڏيندا هياسون، بيشڪ اهو ئي احسان ڪندڙ
مهربان آهي (٢٨). پوءِ (اي پيغمبر! کين) نصيحت ڪر جو تون پنهنجي
پالڻهار جي فضل سان نہ ڪي ڀوپو ۽ نہ ڪي چريو آهين (٢٩). بلڪ (تو
لاءِ) چوندا آهن ڇا تہ شاعر آهي؟ (۽ اسين) سندن حق ۾ زماني جي ڦير
گهير اچڻ جا منتظر آهيون (٣٠). (انهن ڪافرن کي) چؤ تہ اوهين بہ
انتظار ڪريو جو بيشڪ آءٌ بہ اوهان ساڻ انتظار ڪندڙ آهيان (٣١).

اَمْ تَاْمُرُهُمْ اَحْلَامُهُمْ بِهٰذَآ اَمْ هُمْ قَوْمٌ طَاغُوْنَ ﴿٣٢﴾ ۚ اَمْ يَقُوْلُوْنَ
تَقَوَّلَهٗ ۚ بَلْ لَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٣٣﴾ فَلْيَاْتُوْا بِحَدِيْثٍ مِّثْلِهٖۤ اِنْ كَانُوْا
صٰدِقِيْنَ ﴿٣٤﴾ ؕ اَمْ خُلِقُوْا مِنْ غَيْرِ شَيْءٍ اَمْ هُمُ الْخٰلِقُوْنَ ﴿٣٥﴾ ؕ اَمْ خَلَقُوا
السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ ۚ بَلْ لَّا يُوْقِنُوْنَ ﴿٣٦﴾ ؕ اَمْ عِنْدَهُمْ خَزَآئِنُ رَبِّكَ
اَمْ هُمُ الْمُصَيْطِرُوْنَ ﴿٣٧﴾ ؕ اَمْ لَهُمْ سُلَّمٌ يَّسْتَمِعُوْنَ فِيْهِ ۚ فَلْيَاْتِ
مُسْتَمِعُهُمْ بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٨﴾ ؕ اَمْ لَهُ الْبَنٰتُ وَلَكُمُ الْبَنُوْنَ ﴿٣٩﴾ ؕ اَمْ
تَسْـَٔلُهُمْ اَجْرًا فَهُمْ مِّنْ مَّغْرَمٍ مُّثْقَلُوْنَ ﴿٤٠﴾ ؕ اَمْ عِنْدَهُمُ الْغَيْبُ
فَهُمْ يَكْتُبُوْنَ ﴿٤١﴾ ؕ اَمْ يُرِيْدُوْنَ كَيْدًا ؕ فَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا هُمُ
الْمَكِيْدُوْنَ ﴿٤٢﴾ ؕ اَمْ لَهُمْ اِلٰهٌ غَيْرُ اللّٰهِ ؕ سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٤٣﴾
وَاِنْ يَّرَوْا كِسْفًا مِّنَ السَّمَآءِ سَاقِطًا يَّقُوْلُوْا سَحَابٌ مَّرْكُوْمٌ ﴿٤٤﴾
فَذَرْهُمْ حَتّٰى يُلٰقُوْا يَوْمَهُمُ الَّذِيْ فِيْهِ يُصْعَقُوْنَ ﴿٤٥﴾ ۙ يَوْمَ
لَا يُغْنِيْ عَنْهُمْ كَيْدُهُمْ شَيْـًٔا وَّلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿٤٦﴾ ؕ وَاِنَّ
لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا عَذَابًا دُوْنَ ذٰلِكَ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٤٧﴾
وَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ فَاِنَّكَ بِاَعْيُنِنَا وَسَبِّحْ بِحَمْدِ
رَبِّكَ حِيْنَ تَقُوْمُ ﴿٤٨﴾ ۙ وَمِنَ الَّيْلِ فَسَبِّحْهُ وَاِدْبَارَ النُّجُوْمِ ﴿٤٩﴾ ع

ڪين سندن عقل اهو ڏس ڏيندا آهن ڇا يا اُهي شرارتي قوم آهن؟ (٣٢). ڇوندا آهن ڇا تہ هن (قرآن) کي پاڻ ٺاهيو اٿس، (نہ!) بلڪ ايمان نہ ٿا آڻين (٣٣). پوءِ (ڪين) ڄڻائي تہ جيڪڏهن سچا آهن تہ ان جهڙو ڪو سخن (ٺاهي) آڻين (٣٤). اِهي بي سبب (پاڻهي) پيدا ٿي پيا آهن ڇا يا اُهي (پاڻ) پيدا ڪندڙ آهن؟ (٣٥). آسمانن ۽ زمين کي ٺاهيو اٿن ڇا؟ (نہ!) بلڪ (اُهي) يقين نہ ڪندا آهن (٣٦). تنهنجي پالڻهار جا خزانا وٽن آهن ڇا يا اُهي داروغا آهن؟ (٣٧). ڪين ڪا ڏاڪڻ آهي ڇا جنهن تي (چڙهي) ڪن ڏيئي ٻڌندا آهن؟ پوءِ ڄڻائي تہ انهن مان ٻڌندڙ ڪو پڌرو دليل آڻي (٣٨). الله کي ڌيئر آهن ڇا ۽ اوهان کي پٽ؟ (٣٩). اُنهن کان ڪا مزوري گهرين ٿو ڇا؟ جو اُهي (اُنهيءَ) چٽيءَ کان ڳوري بار (هيٺ) ٿيا آهن (٤٠). اُنهن وٽ ڳجهہ جو علم آهي ڇا؟ جو اهي لکندا آهن (٤١). ڪا بڇڙي رٿ ڪرڻ گهرندا آهن ڇا؟ پوءِ جن ڪفر ڪيو سي ئي فريب ۾ پيل آهن (٤٢). اُنهن لاءِ الله کان سواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جو لائق آهي ڇا؟ (ساٿس) جيڪو شريڪ مقرر ڪندا آهن، تنهن کان الله پاڪ آهي (٤٣). ۽ جيڪڏهن آسمان مان ڪو ٽڪرو ڪرندڙ ڏسندا تہ چوندا تہ ڳهاٽو ڪڪر آهي (٤٤). پوءِ (اي پيغمبر) انهن کي ايستائين ڇڏي ڏي، جيستائين پنهنجو اهو ڏينهن ڏسن جنهن ۾ بيهوش ڪيو ويندن (٤٥). جنهن ڏينهن سندن فريب ڪائڻ ڪجهہ بہ نہ ٽاريندو ۽ نڪي کين مدد ڏبي (٤٦). ۽ بيشڪ ظالمن لاءِ هن کان سواءِ ٻيو عذاب (بہ) آهي، پر انهن مان گهڻا نہ ڄاڻندا آهن (٤٧). ۽ (اي پيغمبر!) تون پنهنجي پالڻهار جي حڪم (اچڻ) تائين صبر ڪر ڇو تہ تون اسان جي نظر هيٺ آهين ۽ جنهن مهل تون اُٿين (تنهن مهل) پنهنجي پالڻهار جي ساراهہ سان پاڪائي بيان ڪر (٤٨). ۽ ڪجهہ رات جو (بہ) سندس پاڪائي بيان ڪر ۽ ستارن جي لهڻ کان پوءِ (بہ) (٤٩).

# سُوْرَةُ النَّجْمِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

وَالنَّجْمِ اِذَا هَوٰى ۙ﴿۱﴾ مَا ضَلَّ صَاحِبُكُمْ وَمَا غَوٰى ۚ﴿۲﴾ وَمَا يَنْطِقُ عَنِ
الْهَوٰى ﴿۳﴾ اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْيٌ يُّوْحٰى ۙ﴿۴﴾ عَلَّمَهٗ شَدِيْدُ الْقُوٰى ۙ﴿۵﴾ ذُوْ
مِرَّةٍ ؕ فَاسْتَوٰى ۙ﴿۶﴾ وَهُوَ بِالْاُفُقِ الْاَعْلٰى ؕ﴿۷﴾ ثُمَّ دَنَا فَتَدَلّٰى ۙ﴿۸﴾
فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنٰى ۚ﴿۹﴾ فَاَوْحٰۤى اِلٰى عَبْدِهٖ مَاۤ اَوْحٰى ؕ﴿۱۰﴾ مَا
كَذَبَ الْفُؤَادُ مَا رَاٰى ﴿۱۱﴾ اَفَتُمٰرُوْنَهٗ عَلٰى مَا يَرٰى ﴿۱۲﴾ وَلَقَدْ رَاٰهُ
نَزْلَةً اُخْرٰى ۙ﴿۱۳﴾ عِنْدَ سِدْرَةِ الْمُنْتَهٰى ﴿۱۴﴾ عِنْدَهَا جَنَّةُ الْمَاْوٰى ؕ﴿۱۵﴾
اِذْ يَغْشَى السِّدْرَةَ مَا يَغْشٰى ۙ﴿۱۶﴾ مَا زَاغَ الْبَصَرُ وَمَا طَغٰى ﴿۱۷﴾
لَقَدْ رَاٰى مِنْ اٰيٰتِ رَبِّهِ الْكُبْرٰى ﴿۱۸﴾ اَفَرَءَيْتُمُ اللّٰتَ وَالْعُزّٰى ۙ﴿۱۹﴾
وَمَنٰوةَ الثَّالِثَةَ الْاُخْرٰى ﴿۲۰﴾ اَلَكُمُ الذَّكَرُ وَلَهُ الْاُنْثٰى ﴿۲۱﴾
تِلْكَ اِذًا قِسْمَةٌ ضِيْزٰى ﴿۲۲﴾ اِنْ هِيَ اِلَّاۤ اَسْمَآءٌ سَمَّيْتُمُوْهَاۤ اَنْتُمْ
وَاٰبَآؤُكُمْ مَّاۤ اَنْزَلَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ؕ اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ
اِلَّا الظَّنَّ وَمَا تَهْوَى الْاَنْفُسُ ۚ وَلَقَدْ جَآءَهُمْ مِّنْ رَّبِّهِمُ
الْهُدٰى ؕ﴿۲۳﴾ اَمْ لِلْاِنْسَانِ مَا تَمَنّٰى ۫ۖ﴿۲۴﴾ فَلِلّٰهِ الْاٰخِرَةُ وَالْاُوْلٰى ع ﴿۲۵﴾

سورة نجم مڪي آهي ۽ هن ۾ ٻاهٺ آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.

اللّٰه ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

ستاري جو قسم آهي جڏهن لٿو (١). ته اوهان جو (هيءُ) سنگتي (يعني محمد ﷺ) نڪي ڀُلو ۽ نڪي ٻي راهو هليو (٢). ۽ نڪي نفس جي سَڌ کان ڳالهائيندو آهي (٣). هيءُ (قرآن ٻيو) نه آهي، سواءِ وحي جي جو ڏانهس موڪليو ويندو آهي (۴). اُن کي ڏاڍيءَ سگهه واري سيکاريو آهي (٥). جو زور وارو آهي، پوءِ اُهو سڌو بيٺو (٦). ۽ اُهو (آسمان جي) مٿاهين ڪناري تي هو (٧). وري ويجهو ٿيو پوءِ هيٺ لٿو (٨). پوءِ ٻن ڪمانن جيتري وٿي هئي يا (اُن کان به) تمام ويجهو هو (٩). پوءِ ان (اللّٰه) جي ٻانهي ڏانهن پيغام پهچايائين، جيڪي پهچايائين (١٠). جيڪي (پيغمبر جي) دل ڏٺو سو اُن ڪوڙ نه ڄاتو (١١). جيڪي (پيغمبر) ڏسندو آهي، تنهن ۾ اُن سان ڇو جهڳڙو ڪندا آهيو؟ (١٢). ۽ بيشڪ اِنهيءَ (ملائڪ) کي (اُنهيءَ مهل) ٻيو ڀيرو (سندس اصلي صورت ۾) ڏٺو هيائين (١٣). سدرة المنتهيٰ (وڏيءَ ٻير) وٽ (١۴). اُن (سدرة المنتهيٰ) وٽ رهڻ وارو باغ آهي (١٥). (ملائڪ کي اُنهيءَ مهل ڏٺائين)، جنهن مهل ٻير کي اُنهيءَ ڍڪيو، جنهن ڍڪيو ٿي (١٦). (پيغمبر جي) اک نه ڪي ٽڙي ۽ نه ڪي حد کان لنگهي (١٧). بيشڪ ڪي وڏيون نشانيون پنهنجي پالڻهار جون ڏٺائين (١٨). لات ۽ عزيٰ کي ڏٺو اٿو ڇا؟ (١٩). ۽ پوئين ٽين منات کي به؟ (جو اهي بت اللّٰه ٻڌي نه سگهندا آهن) (٢٠). اوهان لاءِ پٽ آهن ڇا ۽ اللّٰه لاءِ ڌيئرون؟ (٢١). اها (ورهاست) اُنهيءَ مهل بي انصافيءَ واري ورهاست آهي (٢٢). اهي (سڀ) رڳا نالا آهن، جي اوهان پاڻ ۽ اوهان جي پيڻ ڏاڏن مقرر ڪيا آهن. اللّٰه اُن (جي ثابتيءَ) جو ڪو دليل نازل نه ڪيو آهي (هيءُ رڳو) گمان تي هلندا آهن ۽ جيڪي (سندن) جيءَ سڌ ڪندا آهن، (تنهن تي به)، ۽ بيشڪ سندن پالڻهار کان وٽن هدايت آئي آهي (٢٣). ماڻهو جيڪا سڌ ڪندو آهي سا ڪيس ملندي ڇا؟ (٢۴). پوءِ هو جَڳ ۽ هي جڳ اللّٰه جو آهي (٢٥).

وَكَمْ مِّنْ مَّلَكٍ فِى السَّمٰوٰتِ لَا تُغْنِىْ شَفَاعَتُهُمْ شَيْـًٔا اِلَّا مِنْۢ
بَعْدِ اَنْ يَّاْذَنَ اللّٰهُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَرْضٰى ۝٢٦ اِنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ
بِالْاٰخِرَةِ لَيُسَمُّوْنَ الْمَلٰٓئِكَةَ تَسْمِيَةَ الْاُنْثٰى ۝٢٧ وَمَا لَهُمْ بِهٖ مِنْ
عِلْمٍ ؕ اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ ۚ وَاِنَّ الظَّنَّ لَا يُغْنِىْ مِنَ الْحَقِّ
شَيْـًٔا ۚ ۝٢٨ فَاَعْرِضْ عَنْ مَّنْ تَوَلّٰى ۙ عَنْ ذِكْرِنَا وَلَمْ يُرِدْ اِلَّا الْحَيٰوةَ
الدُّنْيَا ۝٢٩ ؕ ذٰلِكَ مَبْلَغُهُمْ مِّنَ الْعِلْمِ ؕ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنْ
ضَلَّ عَنْ سَبِيْلِهٖ وَهُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اهْتَدٰى ۝٣٠ وَلِلّٰهِ مَا فِى
السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ ۙ لِيَجْزِىَ الَّذِيْنَ اَسَآءُوْا بِمَا عَمِلُوْا
وَيَجْزِىَ الَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا بِالْحُسْنٰى ۝٣١ ۚ اَلَّذِيْنَ يَجْتَنِبُوْنَ كَبٰٓئِرَ الْاِثْمِ
وَالْفَوَاحِشَ اِلَّا اللَّمَمَ ؕ اِنَّ رَبَّكَ وَاسِعُ الْمَغْفِرَةِ ؕ هُوَ اَعْلَمُ بِكُمْ اِذْ
اَنْشَاَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ وَاِذْ اَنْتُمْ اَجِنَّةٌ فِىْ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ ۚ فَلَا تُزَكُّوْٓا
اَنْفُسَكُمْ ؕ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اتَّقٰى ۝٣٢ ع اَفَرَءَيْتَ الَّذِىْ تَوَلّٰى ۝٣٣ ۙ وَاَعْطٰى
قَلِيْلًا وَّاَكْدٰى ۝٣٤ اَعِنْدَهٗ عِلْمُ الْغَيْبِ فَهُوَ يَرٰى ۝٣٥ اَمْ لَمْ يُنَبَّاْ
بِمَا فِىْ صُحُفِ مُوْسٰى ۝٣٦ ۙ وَاِبْرٰهِيْمَ الَّذِىْ وَفّٰٓى ۝٣٧ ۙ اَلَّا تَزِرُ
وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ۝٣٨ ۙ وَاَنْ لَّيْسَ لِلْاِنْسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى ۝٣٩ ۙ

۽ آسمانن ۾ ڪيترائي ملائڪ آهن جن جي پارت ذري جيترو بہ نفعو نہ ڪندي، پر الله جي موڪل ڏيڻ کانپوءِ جنهن لاءِ گهري ۽ راضي ٿئي (٢٦). بيشڪ جيڪي آخرت کي نہ مڃيندا آهن سي ملائڪن تي ڌيئرن جا نالا رکندا آهن (٢٧). ۽ کين اِن (ڳالھ) جي ڪا خبر نہ آهي، رڳو گمان تي هلندا آهن ۽ بيشڪ گمان حقيقت جي سڃاڻڻ ۾ ڪجھ بہ نفعو نہ ڏيندو آهي (٢٨). پوءِ (اي پيغمبر!) اُنهيءَ کان منهن موڙ جنهن اسان جي ياد ڪرڻ کان منهن ڦيرايو ۽ دنيا جي حياتيءَ کان سواءِ (ٻيو) ڪجھ نہ گهريائين (٢٩). اِها سندن علم جي پڄاڻي آهي، بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي اُنهيءَ کي چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي، جيڪو سندس واٽ کان ڀلو ۽ جيڪو سڌي رستي هليو، تنهن کي (بہ) اُهو چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي (٣٠). ۽ جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو الله جو آهي تہ جن بڇڙا ڪم ڪيا تن کي انهن ڪمن جي ڪري نيٺ سزا ڏئي ۽ جن چڱايون ڪيون، تن کي ڀلائي جو (جوڳو) بدلو ڏئي (٣١). جيڪي ننڍن گناهن کان سواءِ وڏن گناهن ۽ بي حيائيءَ کان پاڻ کي بچائيندا آهن. بيشڪ تنهنجو پالڻهار (اُنهن لاءِ) وڏي بخشش وارو آهي. اُهو اوهان کي چڱو ڄاڻندڙ آهي، جڏهن اوهان کي زمين مان پيدا ڪيائين ۽ جڏهن اوهين پنهنجن مائن جي پيٽن ۾ ٻار هيؤ. تنهن ڪري اوهين پاڻ کي نہ ساراهيو، الله اُنهيءَ کي چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي، جيڪو پرهيزگار ٿيو (٣٢). (اي پيغمبر) پوءِ ان کي نہ ڏٺو اَٿيئي ڇا جيڪو ڦريو؟ (٣٣). ۽ ٿورو (مال) ڏنائين ۽ سخت دل ٿيو (٣٤) وٽس ڳجھ جي خبر آهي ڇا جو ڄڻڪ اُهو (سڀڪجھ) اکين سان ڏسندو آهي؟ (٣٥). اُنهيءَ جي خبر کيس نہ ڏني ويئي ڇا جيڪي موسىٰ جي صحيفن ۾ (لکيل) آهي؟ (٣٦). ۽ (جيڪي) ابراهيم (جي صحيفن ۾ آهي)، جنهن (الله جي حقن کي) پورو ڪيو (٣٧). (هيءُ حڪم) تہ ڪو بار کڻندڙ ڪنهن ٻئي (جي گناه) جو بار نہ کڻندو (٣٨). ۽ تہ ماڻهوءَ کي رڳو اُها ئي (ڪمائي) ملندي جيڪا ڪيائين (٣٩).

وَاَنَّ سَعْيَهٗ سَوْفَ يُرٰى ﴿۴۰﴾ ثُمَّ يُجْزٰىهُ الْجَزَآءَ الْاَوْفٰى ﴿۴۱﴾ وَاَنَّ اِلٰى
رَبِّكَ الْمُنْتَهٰى ﴿۴۲﴾ وَاَنَّهٗ هُوَ اَضْحَكَ وَاَبْكٰى ﴿۴۳﴾ وَاَنَّهٗ هُوَ اَمَاتَ وَ
اَحْيَا ﴿۴۴﴾ وَاَنَّهٗ خَلَقَ الزَّوْجَيْنِ الذَّكَرَ وَالْاُنْثٰى ﴿۴۵﴾ مِنْ نُّطْفَةٍ
اِذَا تُمْنٰى ﴿۴۶﴾ وَاَنَّ عَلَيْهِ النَّشْاَةَ الْاُخْرٰى ﴿۴۷﴾ وَاَنَّهٗ هُوَ اَغْنٰى وَ
اَقْنٰى ﴿۴۸﴾ وَاَنَّهٗ هُوَ رَبُّ الشِّعْرٰى ﴿۴۹﴾ وَاَنَّهٗۤ اَهْلَكَ عَادَا ِۨالْاُوْلٰى ﴿۵۰﴾
وَثَمُوْدَاۡ فَمَاۤ اَبْقٰى ﴿۵۱﴾ وَقَوْمَ نُوْحٍ مِّنْ قَبْلُ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا هُمْ اَظْلَمَ
وَاَطْغٰى ﴿۵۲﴾ وَالْمُؤْتَفِكَةَ اَهْوٰى ﴿۵۳﴾ فَغَشّٰىهَا مَا غَشّٰى ﴿۵۴﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ
رَبِّكَ تَتَمَارٰى ﴿۵۵﴾ هٰذَا نَذِيْرٌ مِّنَ النُّذُرِ الْاُوْلٰى ﴿۵۶﴾ اَزِفَتِ
الْاٰزِفَةُ ﴿۵۷﴾ لَيْسَ لَهَا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ كَاشِفَةٌ ﴿۵۸﴾ اَفَمِنْ هٰذَا
الْحَدِيْثِ تَعْجَبُوْنَ ﴿۵۹﴾ وَتَضْحَكُوْنَ وَلَا تَبْكُوْنَ ﴿۶۰﴾ وَاَنْتُمْ
سٰمِدُوْنَ ﴿۶۱﴾ فَاسْجُدُوْا لِلّٰهِ وَاعْبُدُوْا ﴿۶۲﴾ السجدة

## سُوْرَةُ الْقَمَرِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اِقْتَرَبَتِ السَّاعَةُ وَانْشَقَّ الْقَمَرُ ﴿۱﴾ وَاِنْ يَّرَوْا اٰيَةً يُّعْرِضُوْا وَيَقُوْلُوْا
سِحْرٌ مُّسْتَمِرٌّ ﴿۲﴾ وَكَذَّبُوْا وَاتَّبَعُوْۤا اَهْوَآءَهُمْ وَكُلُّ اَمْرٍ مُّسْتَقِرٌّ ﴿۳﴾

۽ تہ سندس ڪمائي جلد ڏٺي ويندي (۴٠). وري کيس تمام پورو بدلو (اُنهيءَ ڪمائيءَ موجب) ڏنو ويندو (۴١). ۽ تہ تنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽڻ آهي (۴٢). ۽ تہ اُن ئي کلايو ۽ رئاريو (۴٣). ۽ تہ اُن ئي ماريو ۽ جياريو (۴۴). ۽ تہ اُن (الله) نر ۽ مادي جوڙو جوڙو بڻايو (۴٥). منيءَ جي هڪ ڦڙي مان، جڏهن (ڳڀڻ ۾) هاريو وڃي (۴٦). ۽ تہ اُن تي ٻي اُهو ڀيو (ڀيرو) پيدا ڪرڻ آهي (۴٧). ۽ تہ اُن ئي آسودو ڪيو ۽ مالدار بڻايو (۴٨). ۽ تہ اُهو ئي شعريٰ تاري جو رب آهي (۴٩). ۽ تہ اُن ئي پهرين عاد کي ناس ڪيو (٥٠). ۽ ثمود کي (بہ) پوءِ اُنهن مان (ڪنهن کي) باقي نہ ڇڏيائين (٥١). ۽ ان کان اڳ نوح جي قوم کي بہ هلاڪ ڪيائين، ڇو تہ اُهي ڏاڍا ظالم ۽ تمام حد کان لنگهيل هيا (٥٢). ۽ (شهر) اونڌي ڪيل کي هيٺ اُڇليائين (٥٣). پوءِ اُن کي ڍَڪيو جنهن ڍڪيو، (يعني پٿرن جو مينهن وسايائين) (٥۴). پوءِ (اي انسانو!) پنهنجي پالڻهار جي نعمتن مان ڪهڙيءَ ۾ تو شڪ ڪرين (٥٥). هيءُ (پيغمبر) اڳين ڊيڄاريندڙن (جي جنس) مان (هڪ) ڊيڄاريندڙ آهي (٥٦). ويجهي اچڻ واري (قيامت) ويجهي آئي (٥٧). ان کي الله کان سواءِ ڪو ظاهر ڪرڻ وارو ڪونهي (٥٨). هن ڳالهہ کان تعجب ڪندا آهيو ڇا؟ (٥٩). ۽ کلندا آهيو ۽ نہ رئندا آهيو (٦٠). ۽ اوهين راند ڪندڙ آهيو (٦١). پوءِ الله کي سجدو ڪريو ۽ عبادت ڪريو (٦٢).

سورت قمر مڪي آهي ۽ هي پنجونجاهہ آيتون ۽ ٽي رڪوع آهي

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

قيامت ويجهي آئي ۽ چنڊ چيرجي پيو (١). ۽ جيڪڏهن (ڪافر) ڪا نشاني ڏسندا تہ منهن موڙيندا ۽ چوندا تہ هيءُ (اڳ کان) هلندڙ جادو آهي (٢). ۽ ڪوڙ ڄاتائون ۽ پنهنجن سڌن تي هليا ۽ سيڪو ڪم پنهنجي وقت تي ٺهرايل آهي (٣).

وَلَقَدْ جَآءَهُمْ مِّنَ الْاَنْۢبَآءِ مَا فِيْهِ مُزْدَجَرٌ ۙ﴿٤﴾ حِكْمَةٌ ۢ بَالِغَةٌ فَمَا
تُغْنِ النُّذُرُ ۙ﴿٥﴾ فَتَوَلَّ عَنْهُمْ ۘ يَوْمَ يَدْعُ الدَّاعِ اِلٰى شَيْءٍ نُّكُرٍ ۙ﴿٦﴾
خُشَّعًا اَبْصَارُهُمْ يَخْرُجُوْنَ مِنَ الْاَجْدَاثِ كَاَنَّهُمْ جَرَادٌ مُّنْتَشِرٌ ۙ﴿٧﴾
مُّهْطِعِيْنَ اِلَى الدَّاعِ ؕ يَقُوْلُ الْكٰفِرُوْنَ هٰذَا يَوْمٌ عَسِرٌ ﴿٨﴾ كَذَّبَتْ
قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ فَكَذَّبُوْا عَبْدَنَا وَقَالُوْا مَجْنُوْنٌ وَّازْدُجِرَ ﴿٩﴾
فَدَعَا رَبَّهٗۤ اَنِّيْ مَغْلُوْبٌ فَانْتَصِرْ ﴿١٠﴾ فَفَتَحْنَاۤ اَبْوَابَ السَّمَآءِ بِمَآءٍ
مُّنْهَمِرٍ ۫ۖ﴿١١﴾ وَّفَجَّرْنَا الْاَرْضَ عُيُوْنًا فَالْتَقَى الْمَآءُ عَلٰۤى اَمْرٍ قَدْ قُدِرَ ۚ﴿١٢﴾
وَحَمَلْنٰهُ عَلٰى ذَاتِ اَلْوَاحٍ وَّدُسُرٍ ۙ﴿١٣﴾ تَجْرِيْ بِاَعْيُنِنَا ۚ جَزَآءً لِّمَنْ كَانَ
كُفِرَ ﴿١٤﴾ وَلَقَدْ تَّرَكْنٰهَاۤ اٰيَةً فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿١٥﴾ فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِيْ
وَنُذُرِ ﴿١٦﴾ وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿١٧﴾ كَذَّبَتْ
عَادٌ فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿١٨﴾ اِنَّاۤ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيْحًا صَرْصَرًا
فِيْ يَوْمِ نَحْسٍ مُّسْتَمِرٍّ ۙ﴿١٩﴾ تَنْزِعُ النَّاسَ ۙ كَاَنَّهُمْ اَعْجَازُ نَخْلٍ
مُّنْقَعِرٍ ﴿٢٠﴾ فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿٢١﴾ وَلَقَدْ يَسَّرْنَا
الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿٢٢﴾ ع كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ بِالنُّذُرِ ﴿٢٣﴾
فَقَالُوْۤا اَبَشَرًا مِّنَّا وَاحِدًا نَّتَّبِعُهٗۤ ۙ اِنَّاۤ اِذًا لَّفِيْ ضَلٰلٍ وَّسُعُرٍ ﴿٢٤﴾

۽ بيشڪ وٽن اُهي خبرون آيون آهن جن ۾ دڙڪو آهي (۴). پوري ڏاهپ (ٻ) آهي، پوءِ عبرت جيون ڳالهيون ڪين ڪو فائدو نہ ٿيون ڏين (۵). تنهن ڪري ڪائن منهن موڙ- جنهن ڏينهن سڏيندڙ اڻ وڻندڙ شيءِ ڏانهن سڏيندو (٦). (تنهن ڏينهن) پنهنجن جهڪين اکين سان قبرن مان ائين نڪرندا جو ڄڻڪ اُهي پکڙيل مکڙ آهن (٧). (ان) سڏيندڙ ڏانهن ڊوڙندا ويندا، ڪافر چوندا تہ هيءُ ڏکيو ڏينهن آهي (٨). اِنهن کان اڳ نوح جي قوم ڪوڙ ڀانيو پوءِ اسان جي ٻانهي کي ڪوڙو ڄاتائون ۽ چيائون تہ چريو آهي ۽ (کيس) ڌمڪايو ويو (٩). پوءِ هن پنهنجي پالڻهار کي عرض ڪيو (۽ چيائين) تہ بيشڪ آءٌ هيٺو آهيان، تنهن ڪري (اي رب!) تون ڪائن وير وٺ (١٠). پوءِ آسمان جا دروازا گهڻي وهندڙ پاڻيءَ سان کولياسون (١١). ۽ زمين مان چشما جاري ڪياسون، پوءِ (چوڏاري) پاڻي گڏ ٿيو، جنهن ڪم لاءِ فيصلو ڪيو ويو هو (١٢). ۽ کيس تختن ۽ ميخن واريءَ (ٻيڙي) تي چاڙهيوسون (١٣). جا اسان جي اکين آڏو ٿي هلي (اهو پاڻي) انهيءَ شخص جي بدلي وٺڻ لاءِ جنهن کي نہ مڃيو هيائون (١۴). ۽ بيشڪ انهيءَ (سزا) کي (عبرت لاءِ) هڪ نشاني ڪري ڇڏيو سون، پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺڻ وارو؟ (١۵). پوءِ منهنجو عذاب ۽ منهنجا دڙڪا ڪهڙيءَ طرح هيا (١٦). ۽ بيشڪ قرآن کي نصيحت وٺڻ لاءِ آسان ڪيو اٿئون، پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺڻ وارو؟ (١٧). عاد (قوم) ڪوڙ ڀانيو، پوءِ منهنجو عذاب ۽ منهنجا دڙڪا ڪهڙيءَ طرح هيا (١٨). بيشڪ اسان سخت طوفان کي تمام سخت نڀاڳي ڏينهن ۾ مٿن موڪليو (١٩). جو ماڻهن کي پٽيائين ٿي ڄڻڪ اُهي ڪجيءَ جي ٿڙن جيان پاڙون پٽيل آهن (٢٠). پوءِ منهنجو عذاب ۽ منهنجا دڙڪا ڪهڙيءَ طرح هيا؟ (٢١). ۽ بيشڪ قرآن کي نصيحت وٺڻ لاءِ آسان ڪيو اٿئون، پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺڻ وارو؟ (٢٢). ثمود جي قوم ڊيڄاريندڙن کي ڪوڙو ڀانيو (٢٣). پوءِ چيائون تہ اسين پنهنجيءَ ئي قوم مان هڪڙي ماڻهوءَ جي تابعداري ڪريون ڇا؟ (جي ائين ڪريون تہ) بيشڪ اُنهيءَ مهل ضرور گمراهيءَ ۽ چريائيءَ ۾ هوندا سون (٢۴).

ءَاُلْقِيَ الذِّكْرُ عَلَيْهِ مِنْۢ بَيْنِنَا بَلْ هُوَ كَذَّابٌ اَشِرٌ ﴿٢٥﴾ سَيَعْلَمُوْنَ
غَدًا مَّنِ الْكَذَّابُ الْاَشِرُ ﴿٢٦﴾ اِنَّا مُرْسِلُوا النَّاقَةِ فِتْنَةً لَّهُمْ
فَارْتَقِبْهُمْ وَاصْطَبِرْ ﴿٢٧﴾ وَنَبِّئْهُمْ اَنَّ الْمَآءَ قِسْمَةٌۢ بَيْنَهُمْ ۚ
كُلُّ شِرْبٍ مُّحْتَضَرٌ ﴿٢٨﴾ فَنَادَوْا صَاحِبَهُمْ فَتَعَاطٰى فَعَقَرَ ﴿٢٩﴾
فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿٣٠﴾ اِنَّآ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ صَيْحَةً
وَّاحِدَةً فَكَانُوْا كَهَشِيْمِ الْمُحْتَظِرِ ﴿٣١﴾ وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ
فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿٣٢﴾ كَذَّبَتْ قَوْمُ لُوْطٍۭ بِالنُّذُرِ ﴿٣٣﴾ اِنَّآ اَرْسَلْنَا
عَلَيْهِمْ حَاصِبًا اِلَّآ اٰلَ لُوْطٍ ؕ نَجَّيْنٰهُمْ بِسَحَرٍ ﴿٣٤﴾ لَا نِّعْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا ؕ
كَذٰلِكَ نَجْزِيْ مَنْ شَكَرَ ﴿٣٥﴾ وَلَقَدْ اَنْذَرَهُمْ بَطْشَتَنَا فَتَمَارَوْا
بِالنُّذُرِ ﴿٣٦﴾ وَلَقَدْ رَاوَدُوْهُ عَنْ ضَيْفِهٖ فَطَمَسْنَآ اَعْيُنَهُمْ فَذُوْقُوْا
عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿٣٧﴾ وَلَقَدْ صَبَّحَهُمْ بُكْرَةً عَذَابٌ مُّسْتَقِرٌّ ﴿٣٨﴾ ۚ فَذُوْقُوْا
عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿٣٩﴾ وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ
مُّدَّكِرٍ ﴿٤٠﴾ ع وَلَقَدْ جَآءَ اٰلَ فِرْعَوْنَ النُّذُرُ ﴿٤١﴾ ۚ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا كُلِّهَا
فَاَخَذْنٰهُمْ اَخْذَ عَزِيْزٍ مُّقْتَدِرٍ ﴿٤٢﴾ اَكُفَّارُكُمْ خَيْرٌ مِّنْ اُولٰٓئِكُمْ
اَمْ لَكُمْ بَرَآءَةٌ فِي الزُّبُرِ ﴿٤٣﴾ ۚ اَمْ يَقُوْلُوْنَ نَحْنُ جَمِيْعٌ مُّنْتَصِرٌ ﴿٤٤﴾

اسان جي وچان انهيءَ تي ئي وحي نازل ڪيو ويو ڇا؟ (نہ!) بلڪ اُهو وڏو ڪوڙو پاڻ پڏائيندڙ آهي (٢٥). اجهو سڀاڻي ڄاڻندا تہ پاڻ پڏائيندڙ وڏو ڪوڙو ڪير آهي؟ (٢٦). بيشڪ اسين سندن پرک لاءِ (هڪ) ڏاچي موڪليندڙ آهيون، پوءِ (اي صالح) اُنهن جو منتظر رهُ ۽ صبر ڪر (٢٧). ۽ کين خبردار ڪر تہ سندن وچ ۾ پاڻي وراهيل آهي، هر ڪو (پنهنجي) واري تي حاضر ٿئي (٢٨). پوءِ پنهنجي سنگتيءَ کي سڏيائون، پوءِ وڍيڪ هلت ڪيائين ۽ (وار ڪري ڏاچيءَ کي) منڊو ڪيائين (٢٩). پوءِ منهنجو عذاب ۽ منهنجا دڙڪا ڪهڙيءَ طرح هئا (٣٠). بيشڪ اسان هڪ ڏڪو مٿن موڪليو، پوءِ پُٽي پيهر وانگر (ڍِڳ) ٿي پيا (٣١). بيشڪ قرآن کي نصيحت وٺڻ لاءِ آسان ڪيو اٿئون، پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺڻ وارو؟ (٣٢). لوط جي قوم ڊيڄاريندڙن کي ڪوڙو ڄاتو (٣٣). بيشڪ اسان مٿن پٿرين وسائيندڙ واءُ کي موڪليو، سواءِ لوط جي گهر وارن جي، جو انهن کي اسر مهل بچايوسون (٣٤). پاڻ وٽان فضل سان. جنهن شڪرانو ڪيو، تنهن کي ائين ئي بدلو ڏيندا آهيون (٣٥). ۽ بيشڪ (لوط) اسان جي پڪڙڻ کان کين ڊيڄاريو هو، پوءِ هٿون اُنهن دڙڪن ڏيڻ جي ڪري (شڪ آڻي) تڪرار ڪيائون (٣٦). ۽ بيشڪ لوط سان سندس مهمانن (ڪسڻ) بہ نسبت چڪتاڻ ڪيائون (تہ کيس غافل ڪن)، پوءِ سندن اکين (جي ديد) کي وڃايوسون، پوءِ چيوسون تہ منهنجو عذاب ۽ منهنجا دڙڪا چکو (٣٧). ۽ بيشڪ صبح جو هميشہ رهندڙ عذاب کين لتيو (٣٨). پوءِ (چيو وين) تہ منهنجو عذاب ۽ منهنجا دڙڪا چکو (٣٩). ۽ بيشڪ قرآن کي نصيحت وٺڻ لاءِ آسان ڪيو اٿون، پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺڻ وارو؟ (٤٠). ۽ بيشڪ فرعون جي قوم ڏانهن ڊيڄاريندڙ آيا (٤١). هنن اسان جي مڙني نشانين کي ڪوڙو ڄاتو، تنهن ڪري کين زبردست طاقتور جي پڪڙڻ وانگر پڪڙيوسون (٤٢). (اي قريشؤ!) اوهان جا ڪافر اُنهن (ٽولين) کان وڌيڪ ڀلا آهن ڇا يا اوهان لاءِ (اڳين) ڪتابن ۾ ڪا ڇوٽڪاري جي چٺي آهي؟ (٤٣). ڇوندا آهن ڇا تہ اسين (سڀ گڏجي) وير وٺڻ وارا آهيون؟ (٤٤).

سَيُهْزَمُ الْجَمْعُ وَيُوَلُّوْنَ الدُّبُرَ ﴿٤٥﴾ بَلِ السَّاعَةُ مَوْعِدُهُمْ وَالسَّاعَةُ
اَدْهٰى وَاَمَرُّ ﴿٤٦﴾ اِنَّ الْمُجْرِمِيْنَ فِيْ ضَلٰلٍ وَّسُعُرٍ ﴿٤٧﴾ يَوْمَ يُسْحَبُوْنَ
فِي النَّارِ عَلٰى وُجُوْهِهِمْ ذُوْقُوْا مَسَّ سَقَرَ ﴿٤٨﴾ اِنَّا كُلَّ شَيْءٍ خَلَقْنٰهُ
بِقَدَرٍ ﴿٤٩﴾ وَمَآ اَمْرُنَآ اِلَّا وَاحِدَةٌ كَلَمْحٍ بِالْبَصَرِ ﴿٥٠﴾ وَلَقَدْ اَهْلَكْنَآ
اَشْيَاعَكُمْ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿٥١﴾ وَكُلُّ شَيْءٍ فَعَلُوْهُ فِي الزُّبُرِ ﴿٥٢﴾ وَ
كُلُّ صَغِيْرٍ وَّكَبِيْرٍ مُّسْتَطَرٌ ﴿٥٣﴾ اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّنَهَرٍ ﴿٥٤﴾
فِيْ مَقْعَدِ صِدْقٍ عِنْدَ مَلِيْكٍ مُّقْتَدِرٍ ﴿٥٥﴾

## سُوْرَةُ الرَّحْمٰنِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ
اَلرَّحْمٰنُ ﴿١﴾ عَلَّمَ الْقُرْاٰنَ ﴿٢﴾ خَلَقَ الْاِنْسَانَ ﴿٣﴾ عَلَّمَهُ الْبَيَانَ ﴿٤﴾
اَلشَّمْسُ وَالْقَمَرُ بِحُسْبَانٍ ﴿٥﴾ وَّالنَّجْمُ وَالشَّجَرُ يَسْجُدٰنِ ﴿٦﴾ وَالسَّمَآءَ
رَفَعَهَا وَوَضَعَ الْمِيْزَانَ ﴿٧﴾ اَلَّا تَطْغَوْا فِي الْمِيْزَانِ ﴿٨﴾ وَاَقِيْمُوا
الْوَزْنَ بِالْقِسْطِ وَلَا تُخْسِرُوا الْمِيْزَانَ ﴿٩﴾ وَالْاَرْضَ وَضَعَهَا
لِلْاَنَامِ ﴿١٠﴾ فِيْهَا فَاكِهَةٌ وَّالنَّخْلُ ذَاتُ الْاَكْمَامِ ﴿١١﴾ وَالْحَبُّ
ذُو الْعَصْفِ وَالرَّيْحَانُ ﴿١٢﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿١٣﴾

اُنهيءَ گروهہ کي جلد شڪست ڏبي ۽ پٺي ڦيرائي ڀڄندا (۴۵). (نہ!) بلڪ سندن انجام جي جاءِ قيامت آهي ۽ قيامت ڏاڍي سخت ۽ تمام ڪوڙي آهي (۴٦). بيشڪ ڏوهاري گمراهيءَ ۽ چريائيءَ ۾ آهن (۴٧). (ياد ڪر) جنهن ڏينهن انهن کي سندن منهن ڀر (دوزخ جي) باهہ ۾ گھلبو، چئبو تہ هاڻي دوزخ جي ڇهڻ جو مزو چکو (۴٨). بيشڪ اسان سڀڪنهن شيءِ کي اندازي مطابق خلقيو آهي (۴٩). ۽ اسان جو ڪم رڳو اک ڇنڀ ۾ ٿيڻ وارو هڪ فرمان آهي (۵٠). ۽ بيشڪ اوهان جهڙيون (ڪيتريون ٽوليون) ٽوليون هلاڪ ڪيون سون، پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺڻ وارو؟ (۵١). ۽ جيڪي ڪيو اٿن سو (سڀ سندن) اعمالن ۾ (لکيل) آهي (۵٢). ۽ هر ننڍو ۽ وڏو (عمل سندن صحيفن ۾) لکيل آهي (۵٣). بيشڪ پرهيزگار باغن ۽ نهرن ۾ هوندا (۵۴). (اُهي) سچيءَ مجلس ۾ سگهاري بادشاہ وٽ رهندا (۵۵).

سورة رحمان مڪي آهي ۽ هن ۾ اٺهتر آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

ٻاجهاري (الله) (١). قرآن سيکاريو (٢). انسان کي پيدا ڪيائين (٣). اُن کي ڳالهائڻ سيکاريائين (۴). سج ۽ چنڊ پوري حساب تي هلندا آهن (۵). ۽ وليون ۽ وڻ (الله کي) سجدو ڪندا آهن (٦). ۽ آسمان کي بلند ڪيائين ۽ انصاف جي ترازي رکيائين (٧). هن لاءِ تہ تور ۾ حد کان نہ لنگهو (٨). ۽ انصاف سان پورو توريندا رهو ۽ تور ۾ کوٽ نہ ڪريو (٩). ماڻهن لاءِ زمين کي پکيڙيائين (١٠). منجهس (هر جنس جو) ميوو ۽ ڇڙين واريون کجيون آهن (١١). ۽ ٻُهہ وارو اَن ۽ خوشبودار ٻوٽا (بہ اُن ۾) آهن (١٢). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (١٣).

خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ صَلْصَالٍ كَالْفَخَّارِ ﴿١٤﴾ وَخَلَقَ الْجَآنَّ مِنْ
مَّارِجٍ مِّنْ نَّارٍ ﴿١٥﴾ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿١٦﴾ رَبُّ الْمَشْرِقَيْنِ وَ
رَبُّ الْمَغْرِبَيْنِ ﴿١٧﴾ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿١٨﴾ مَرَجَ الْبَحْرَيْنِ
يَلْتَقِيٰنِ ﴿١٩﴾ بَيْنَهُمَا بَرْزَخٌ لَّا يَبْغِيٰنِ ﴿٢٠﴾ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٢١﴾
يَخْرُجُ مِنْهُمَا اللُّؤْلُؤُ وَالْمَرْجَانُ ﴿٢٢﴾ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٢٣﴾
وَلَهُ الْجَوَارِ الْمُنْشَاٰتُ فِی الْبَحْرِ كَالْاَعْلَامِ ﴿٢٤﴾ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا
تُكَذِّبٰنِ ﴿٢٥﴾ كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ ﴿٢٦﴾ وَّيَبْقٰى وَجْهُ رَبِّكَ ذُو الْجَلٰلِ
وَالْاِكْرَامِ ﴿٢٧﴾ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٢٨﴾ يَسْئَلُهٗ مَنْ فِی السَّمٰوٰتِ
وَالْاَرْضِ ؕ كُلَّ يَوْمٍ هُوَ فِیْ شَاْنٍ ﴿٢٩﴾ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٠﴾
سَنَفْرُغُ لَكُمْ اَيُّهَ الثَّقَلٰنِ ﴿٣١﴾ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٢﴾ يٰمَعْشَرَ
الْجِنِّ وَالْاِنْسِ اِنِ اسْتَطَعْتُمْ اَنْ تَنْفُذُوْا مِنْ اَقْطَارِ السَّمٰوٰتِ
وَالْاَرْضِ فَانْفُذُوْا ؕ لَا تَنْفُذُوْنَ اِلَّا بِسُلْطٰنٍ ﴿٣٣﴾ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ
رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٤﴾ يُرْسَلُ عَلَيْكُمَا شُوَاظٌ مِّنْ نَّارٍ ۙ وَّنُحَاسٌ فَلَا
تَنْتَصِرٰنِ ﴿٣٥﴾ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٦﴾ فَاِذَا انْشَقَّتِ السَّمَآءُ
فَكَانَتْ وَرْدَةً كَالدِّهَانِ ﴿٣٧﴾ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٨﴾

ماٺ‌ھوءَ کي نـڪريءَ جهڙيءَ (سنـهـڙي سـڪيءَ) وچنـدڙ مٽيءَ مـان بڻايائين (١۴). ۽ جنّ کي باھ جي اُلانبي مان بڻايائين (١٥). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻھار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪنـدؤ (١٦). جو ٻنهي اويـرن جو پالڻھار ۽ ٻنهي اولهن جو پالڻھار آهي (١٧). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻھار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (١٨). ٻـن دريائن (کاري ۽ مٺي) کي وهايائين جو پاڻ ۾ گڏجي وهن ٿا (١٩). اُنهن ٻـنهي جي وچ ۾ هڪ اوٽ آهي جو هڪ ٻئي تي زيادتي نہ ڪندا آهن (٢٠). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻھار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٢١). انهن ٻـنهي مان موتي ۽ مرجان نڪرندا آهن (٢٢). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻھار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٢٣). ۽ سمنڊ ۾ هلندڙ جهاز (سڙھ ڪنيل) جبلن وانگر اُونچا اُنهيءَ (الله) جا آهن (٢۴). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻھار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٢٥). جيڪو بہ زمين تي آهي، سو سڀ فنا ٿيندو (٢٦). ۽ (اي پيغمبر) تنهنجي پالڻھار جي هڪ ذات باقي رهندي جو عزت وارو ۽ نعمتن وارو آهي (٢٧). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻھار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٢٨). جيڪو بہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو سيڪو الله کان گهرندو آهي، سيڪنهن ڏينهن اُهو (پنهنجي مخلوق جي ٻئي ٻئي) ڪم ۾ آهي (٢٩). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻھار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٣٠). اي جنؤ ۽ انسانؤ اسين واندا ٿـي جلد (حساب ڪتاب لاءِ) اوهان ڏانهن متوجه ٿـيندا سون (٣١). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻھار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٣٢). اي جنن ۽ ماڻهن جا جٿؤ! جيڪڏهن اوهين آسمانن ۽ زمين جي پاسن کان ٻاهر نڪري سگهندا آهيو تہ نڪرو، وڏيءَ همت کان سواءِ ٻـيءَ طرح سان ٻاهر نڪري نہ سگهندؤ (جا اوهان ۾ آهي ئي ڪانہ) (٣٣). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻھار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٣۴). اوهان تي باھ جو اُلانبو ۽ دونهون موڪلبو جو مقابلو ڪري نہ سگهندؤ (٣٥). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻھار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٣٦). پوءِ جڏهن آسمان ڦاٽـندو تڏهن ڳاڙهيءَ چمڙي وانگر گلابي ٿـيندو (٣٧). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻھار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٣٨).

فَيَوْمَئِذٍ لَّا يُسْـَٔلُ عَنْ ذَنْۢبِهٖۤ اِنْسٌ وَّلَا جَآنٌّ ﴿٣٩﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا
تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٠﴾ يُعْرَفُ الْمُجْرِمُوْنَ بِسِيْمٰهُمْ فَيُؤْخَذُ بِالنَّوَاصِيْ وَ
الْاَقْدَامِ ﴿٤١﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٢﴾ هٰذِهٖ جَهَنَّمُ الَّتِيْ يُكَذِّبُ
بِهَا الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٤٣﴾ يَطُوْفُوْنَ بَيْنَهَا وَبَيْنَ حَمِيْمٍ اٰنٍ ﴿٤٤﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ
رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٥﴾ وَلِمَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ جَنَّتٰنِ ﴿٤٦﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ
رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٧﴾ ذَوَاتَآ اَفْنَانٍ ﴿٤٨﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٩﴾ فِيْهِمَا
عَيْنٰنِ تَجْرِيٰنِ ﴿٥٠﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥١﴾ فِيْهِمَا مِنْ كُلِّ
فَاكِهَةٍ زَوْجٰنِ ﴿٥٢﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٣﴾ مُتَّكِـِٕيْنَ عَلٰى فُرُشٍۢ
بَطَآىِٕنُهَا مِنْ اِسْتَبْرَقٍ ؕ وَجَنَا الْجَنَّتَيْنِ دَانٍ ﴿٥٤﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا
تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٥﴾ فِيْهِنَّ قٰصِرٰتُ الطَّرْفِ ۙ لَمْ يَطْمِثْهُنَّ اِنْسٌ قَبْلَهُمْ وَلَا
جَآنٌّ ﴿٥٦﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٧﴾ كَاَنَّهُنَّ الْيَاقُوْتُ وَالْمَرْجَانُ ﴿٥٨﴾
فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٩﴾ هَلْ جَزَآءُ الْاِحْسَانِ اِلَّا
الْاِحْسَانُ ﴿٦٠﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٦١﴾ وَمِنْ دُوْنِهِمَا
جَنَّتٰنِ ﴿٦٢﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٦٣﴾ مُدْهَآمَّتٰنِ ﴿٦٤﴾
فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٦٥﴾ فِيْهِمَا عَيْنٰنِ نَضَّاخَتٰنِ ﴿٦٦﴾

پوءِ اُن ڏينهن نڪي ماڻهو ۽ نڪي جن پنهنجي گناهه بابت پڇبا (٣٩). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٤٠). ڏوهاري پنهنجي شڪلين مان پيا سڃاتا ويندا، پوءِ چُنڊن ۽ پيرن مان پڪڙبا (٤١) پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٤٢). (چئبو ته) هيءُ اُهو دوزخ آهي، جنهن کي گنهگارن ڪوڙو ڀانيو هو (٤٣). انهيءَ (دوزخ) ۾ ۽ تتي ٽهڪندڙ پاڻيءَ ۾ پيا ايندا ويندا (٤٤). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٤٥). جيڪو پنهنجي پالڻهار جي اڳو بيهڻ کان ڊنو، تنهن لاءِ ٻه باغ آهن (٤٦). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٤٧). ٻئي باغ ساين ٽارين وارا (گهاٽا) آهن (٤٨). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٤٩). اُنهن (ٻن باغن) ۾ ٻه چشما وهن ٿا (٥٠). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٥١). اُنهن ٻنهي (باغن) ۾ سڀڪنهن ميوي مان ٻه ٻه جنسون آهن (٥٢). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٥٣). اهڙن وڇاڻن تي ٽيڪ ڏيئي ويٺا هوندا، جنهن جو اَستر استبرق پٽ مان هوندو ۽ انهن ٻنهي باغن جو ميوو ويجهو هوندو (٥٤). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٥٥). ٻنهي (باغن جي ماڙين) ۾ هيٺ نگاهه ڪرڻ واريون (حيادار حورون) هونديون، جن کي انهن کان اڳ نڪي ڪنهن ماڻهوءَ ۽ نڪي ڪنهن جن ڇهيو آهي (٥٦). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٥٧). اُهي (حورون) ڄڻڪ ياقوت ۽ مرجان آهن (٥٨). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٥٩). چڱائيءَ جو بدلو چڱائيءَ کان سواءِ (ٻيو) ڪو نه آهي (٦٠). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٦١). انهن ٻن (باغن) کان سواءِ ٻيا ٻه باغ به آهن (٦٢). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٦٣). ٻئي ڏاڍا ساوا ڇهڇ آهن (٦٤). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٦٥). انهن ٻنهي (باغن) ۾ ڦوهاري وانگر جوش سان پاڻي نڪرڻ وارا ٻه چشما هوندا (٦٦).

فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝٦٧ فِیْهِمَا فَاكِهَةٌ وَّنَخْلٌ وَّرُمَّانٌ ۝٦٨

فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝٦٩ فِیْهِنَّ خَیْرٰتٌ حِسَانٌ ۝٧٠ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ

رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝٧١ حُوْرٌ مَّقْصُوْرٰتٌ فِی الْخِیَامِ ۝٧٢ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا

تُكَذِّبٰنِ ۝٧٣ لَمْ یَطْمِثْهُنَّ اِنْسٌ قَبْلَهُمْ وَلَا جَآنٌّ ۝٧٤ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا

تُكَذِّبٰنِ ۝٧٥ مُتَّكِـِٕیْنَ عَلٰی رَفْرَفٍ خُضْرٍ وَّعَبْقَرِیٍّ حِسَانٍ ۝٧٦ فَبِاَیِّ

اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝٧٧ تَبٰرَكَ اسْمُ رَبِّكَ ذِی الْجَلٰلِ وَالْاِكْرَامِ ۝٧٨

## سُوْرَةُ الْوَاقِعَةِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

اِذَا وَقَعَتِ الْوَاقِعَةُ ۝١ لَیْسَ لِوَقْعَتِهَا كَاذِبَةٌ ۝٢ خَافِضَةٌ

رَّافِعَةٌ ۝٣ اِذَا رُجَّتِ الْاَرْضُ رَجًّا ۝٤ وَّبُسَّتِ الْجِبَالُ بَسًّا ۝٥

فَكَانَتْ هَبَآءً مُّنْۢبَثًّا ۝٦ وَّكُنْتُمْ اَزْوَاجًا ثَلٰثَةً ۝٧ فَاَصْحٰبُ الْمَیْمَنَةِ ۙ۬

مَاۤ اَصْحٰبُ الْمَیْمَنَةِ ۝٨ وَاَصْحٰبُ الْمَشْـَٔمَةِ ۙ۬ مَاۤ اَصْحٰبُ الْمَشْـَٔمَةِ ۝٩

وَالسّٰبِقُوْنَ السّٰبِقُوْنَ ۝١٠ اُولٰٓىِٕكَ الْمُقَرَّبُوْنَ ۝١١ فِیْ جَنّٰتِ

النَّعِیْمِ ۝١٢ ثُلَّةٌ مِّنَ الْاَوَّلِیْنَ ۝١٣ وَقَلِیْلٌ مِّنَ الْاٰخِرِیْنَ ۝١٤

عَلٰی سُرُرٍ مَّوْضُوْنَةٍ ۝١٥ مُّتَّكِـِٕیْنَ عَلَیْهَا مُتَقٰبِلِیْنَ ۝١٦

پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٦٧). اِنهن ٻنهي باغن ۾ (هر جنس جو) ميوو ۽ ڪجيون ۽ ڏاڙهون هوندا (٦٨). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٦٩). اِنهن (باغن) ۾ سڳوريون سهڻيون زالون هونديون (٧٠). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٧١). حورون تنبن منجهه پرده نشين هونديون (٧٢). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٧٣). اُنهن کي اُنهن (بهشتين) کان اڳ نڪي ڪنهين ماڻهوءَ ۽ نڪي ڪنهين جن ڇهيو آهي (٧٤). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٧٥). ساون وهاڻن ۽ سهڻن غاليچن تي ٽيڪ ڏيئي ويٺل هوندا (٧٦). پوءِ (اي جنؤ ۽ انسانؤ!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ (٧٧). تنهنجي پالڻهار عزت واري ۽ نعمتن واري جو نالو وڏيءَ برڪت وارو آهي (٧٨).

سورة واقعة مڪي آهي ۽ هن ۾ ڇهانوي
آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

جڏهن قيامت ايندي (١). جنهن جي اچڻ ۾ ڪو ڪوڙ نه آهي (٢). (ڪن کي) جهڪي ڪرڻ واري ۽ (ڪن کي) مٿاهين ڪرڻ واري (٣). جڏهن زمين سخت ڏوڏي (سان) ڏوڏبي (٤). ۽ جبل پوريءَ طرح ڀڃي ڀورا ڪيا ويندا (٥). پوءِ اڏاريل دز وانگر ٿيندا (٦). ۽ اوهين تڏهن ٽي ٽوليون ٿيندؤ (٧). پوءِ (هڪڙا نيڪ بخت) سڄي پاسي وارا، سڄي پاسي وارا ڪهڙا نه چڱي حال هوندا! (٨). ۽ (ٻيا بدبخت) کٻي پاسي وارا، کٻي پاسي وارا ڪهڙا نه بد حال هوندا (٩). ۽ (نيڪين ۾) اڳرائيءَ ڪرڻ وارا (نه ٿيٽ) اڳرائي وارا آهن (١٠). اِهي (ئي) مقرب آهن (١١). نعمتن وارن باغن ۾ هوندا (١٢). گهڻا پهرين مان (١٣). ۽ ٿورا پوين مان (١٤). (سون سان) واڻيل پلنگن تي (١٥). هڪ ٻئي جي اَمهون سامهون تي مٿن ٽيڪ ڏيئي ويٺل هوندا (١٦).

يَطُوۡفُ عَلَيۡهِمۡ وِلۡدَانٌ مُّخَلَّدُوۡنَ ﴿۱۷﴾ بِاَكۡوَابٍ وَّاَبَارِيۡقَ ۙ وَكَاۡسٍ

مِّنۡ مَّعِيۡنٍ ﴿۱۸﴾ لَّا يُصَدَّعُوۡنَ عَنۡهَا وَلَا يُنۡزِفُوۡنَ ﴿۱۹﴾ وَفَاكِهَةٍ مِّمَّا

يَتَخَيَّرُوۡنَ ﴿۲۰﴾ وَلَحۡمِ طَيۡرٍ مِّمَّا يَشۡتَهُوۡنَ ﴿۲۱﴾ وَحُوۡرٌ عِيۡنٌ ﴿۲۲﴾ كَاَمۡثَالِ

اللُّـؤۡلُـؤِ الۡمَكۡنُوۡنِ ﴿۲۳﴾ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿۲۴﴾ لَا يَسۡمَعُوۡنَ فِيۡهَا

لَغۡوًا وَّلَا تَاۡثِيۡمًا ﴿۲۵﴾ اِلَّا قِيۡلًا سَلٰمًا سَلٰمًا ﴿۲۶﴾ وَاَصۡحٰبُ الۡيَمِيۡنِ ۙ مَاۤ اَصۡحٰبُ

الۡيَمِيۡنِ ﴿۲۷﴾ فِىۡ سِدۡرٍ مَّخۡضُوۡدٍ ﴿۲۸﴾ وَّطَلۡحٍ مَّنۡضُوۡدٍ ﴿۲۹﴾ وَّظِلٍّ مَّمۡدُوۡدٍ ﴿۳۰﴾ وَّ

مَآءٍ مَّسۡكُوۡبٍ ﴿۳۱﴾ وَّفَاكِهَةٍ كَثِيۡرَةٍ ﴿۳۲﴾ لَّا مَقۡطُوۡعَةٍ وَّلَا مَمۡنُوۡعَةٍ ﴿۳۳﴾ وَّ

فُرُشٍ مَّرۡفُوۡعَةٍ ﴿۳۴﴾ اِنَّاۤ اَنۡشَاۡنٰهُنَّ اِنۡشَآءً ﴿۳۵﴾ فَجَعَلۡنٰهُنَّ اَبۡكَارًا ﴿۳۶﴾

عُرُبًا اَتۡرَابًا ﴿۳۷﴾ لِّاَصۡحٰبِ الۡيَمِيۡنِ ﴿۳۸﴾ ثُلَّةٌ مِّنَ الۡاَوَّلِيۡنَ ﴿۳۹﴾ وَثُلَّةٌ

مِّنَ الۡاٰخِرِيۡنَ ﴿۴۰﴾ وَاَصۡحٰبُ الشِّمَالِ ۙ مَاۤ اَصۡحٰبُ الشِّمَالِ ﴿۴۱﴾ فِىۡ سَمُوۡمٍ

وَّحَمِيۡمٍ ﴿۴۲﴾ وَّظِلٍّ مِّنۡ يَّحۡمُوۡمٍ ﴿۴۳﴾ لَّا بَارِدٍ وَّلَا كَرِيۡمٍ ﴿۴۴﴾ اِنَّهُمۡ كَانُوۡا قَبۡلَ

ذٰلِكَ مُتۡرَفِيۡنَ ﴿۴۵﴾ وَكَانُوۡا يُصِرُّوۡنَ عَلَى الۡحِنۡثِ الۡعَظِيۡمِ ﴿۴۶﴾ وَكَانُوۡا

يَقُوۡلُوۡنَ ۙ اَئِذَا مِتۡنَا وَكُنَّا تُرَابًا وَّعِظَامًا ءَاِنَّا لَمَبۡعُوۡثُوۡنَ ﴿۴۷﴾ اَوَاٰبَآؤُنَا

الۡاَوَّلُوۡنَ ﴿۴۸﴾ قُلۡ اِنَّ الۡاَوَّلِيۡنَ وَالۡاٰخِرِيۡنَ ﴿۴۹﴾ لَمَجۡمُوۡعُوۡنَ ۙ اِلٰى

مِيۡقَاتِ يَوۡمٍ مَّعۡلُوۡمٍ ﴿۵۰﴾ ثُمَّ اِنَّكُمۡ اَيُّهَا الضَّآلُّوۡنَ الۡمُكَذِّبُوۡنَ ﴿۵۱﴾

هميشہ (نئين نندي) رهڻ وارا نينگر وٽن پيا ڦرندا رهندا (١٧). پيالن ۽ جڳن سان ۽ وهندڙ شراب مان (ڀريل) گلاسن (سان) (١٨). (اهڙو صاف) جنهن کان نڪي مٿي ۾ سور پوندن ۽ نڪي بيهوش ٿيندا (١٩). ۽ (پڻ هر جنس جو) ميوو جنهن (جنس) مان پسند ڪندا (تنهن مان پيا آڻيندن) (٢٠). ۽ پکين جو گوشت جنهن قسم مان (پاڻ) گهرندا (تنهن سان نينگر سدائين مٿن پيا ايندا ويندا) (٢١). ۽ وڏين اکين واريون حورون (٢٢). ڄڻڪ ڍڪيل موتين جهڙيون (٢٣). جيڪي ڪمايو هيائون تنهن جي بدلي ۾ (اهو ڏبن) (٢٤). اُتي نہ ڪا اجائي بڪ نہ ڪا گناه جهڙي ڳالهہ ٻڌندا (٢٥). پر (هي ٻڌندا جو) هرڪو سلام سلام پيو چوندو (٢٦). ۽ سڄي پاسي وارا، سڄي پاسي وارا ڪهڙي حال هوندا (٢٧). لاسڙين (بنا ڪنڊي) ٻيرين ۾ (٢٨). ۽ ڀريل ڦردار ڪيوڙن (جي وڻن) ۾ (٢٩). ۽ ڊگهن ڇانون ۾ (٣٠). ۽ (ـهيٺ) ڪرندڙ پاڻيءَ ۾ (٣١). ۽ گهڻن ميون ۾ (٣٢). (جو) نڪي کٽندا ۽ نڪي (کائڻ) جهلبا (٣٣). ۽ اُونچا وڇاڻا (جن تي هو هوندا) (٣٤). بيشڪ اسان حورن کي هڪ (خاص) نموني تي پيدا ڪيو آهي (٣٥). پوءِ کين ڪنؤاريون بڻايوسون (٣٦). مڙسن کي وٽندڙيون هڪ جيڏيون (٣٧). (نيڪ بختن) سڄي پاسي وارن لاءِ (٣٨). گهڻي جماعت پهرين مان (٣٩). گهڻي جماعت پوين مان (٤٠). ۽ کٻي پاسي وارا، کٻي پاسي وارا ڪهڙا نہ بد حال هوندا! (٤١). ڪوسي جهولي ۽ تتي پاڻيءَ ۾ هوندا (٤٢). ۽ (اهڙي) ڪاري دونهين جي ڇانوَ ۾ رهندا (٤٣). (جو) نڪي ٿڌو هوندو ۽ نڪي وٽندڙ (٤٤). بيشڪ اُهي هن کان اڳ (دنيا ۾) سک ۾ پليل هئا (٤٥). ۽ وڏي گناه (يعني شرڪ) تي ضد ڪندا هئا (٤٦). ۽ چوندا هئا تہ جڏهن مرنداسون ۽ مٽي ۽ هڏا ٿينداسون (تڏهن) اسين وري (قبرن مان) اُٿاريا وينداسون ڇا؟ (٤٧). يا اسان جا پهريان پيءُ ڏاڏا (بہ اُٿاريا ڇا)؟ (٤٨). (اي پيغمبر)! چؤ تہ بيشڪ اڳيان ۽ پويان (٤٩). هڪ مقرر ڪيل ڏينهن جي وقت تي ضرور گڏ ڪيا ويندا (٥٠). وري بيشڪ اوهين اي گمراهؤ، ڪوڙ ڀائيندڙؤ! (٥١).

لَاٰكِلُوْنَ مِنْ شَجَرٍ مِّنْ زَقُّوْمٍ ﴿٥٢﴾ فَمَالِـُٔوْنَ مِنْهَا الْبُطُوْنَ ﴿٥٣﴾
فَشٰرِبُوْنَ عَلَيْهِ مِنَ الْحَمِيْمِ ﴿٥٤﴾ فَشٰرِبُوْنَ شُرْبَ الْهِيْمِ ﴿٥٥﴾
هٰذَا نُزُلُهُمْ يَوْمَ الدِّيْنِ ﴿٥٦﴾ نَحْنُ خَلَقْنٰكُمْ فَلَوْلَا تُصَدِّقُوْنَ ﴿٥٧﴾
اَفَرَءَيْتُمْ مَّا تُمْنُوْنَ ﴿٥٨﴾ ءَاَنْتُمْ تَخْلُقُوْنَهٗٓ اَمْ نَحْنُ الْخٰلِقُوْنَ ﴿٥٩﴾
نَحْنُ قَدَّرْنَا بَيْنَكُمُ الْمَوْتَ وَمَا نَحْنُ بِمَسْبُوْقِيْنَ ﴿٦٠﴾ عَلٰٓى اَنْ
نُّبَدِّلَ اَمْثَالَكُمْ وَنُنْشِئَكُمْ فِيْ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٦١﴾ وَلَقَدْ عَلِمْتُمُ
النَّشْاَةَ الْاُوْلٰى فَلَوْلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٦٢﴾ اَفَرَءَيْتُمْ مَّا تَحْرُثُوْنَ ﴿٦٣﴾ ءَاَنْتُمْ
تَزْرَعُوْنَهٗٓ اَمْ نَحْنُ الزّٰرِعُوْنَ ﴿٦٤﴾ لَوْ نَشَآءُ لَجَعَلْنٰهُ حُطَامًا
فَظَلْتُمْ تَفَكَّهُوْنَ ﴿٦٥﴾ اِنَّا لَمُغْرَمُوْنَ ﴿٦٦﴾ بَلْ نَحْنُ مَحْرُوْمُوْنَ ﴿٦٧﴾
اَفَرَءَيْتُمُ الْمَآءَ الَّذِيْ تَشْرَبُوْنَ ﴿٦٨﴾ ءَاَنْتُمْ اَنْزَلْتُمُوْهُ مِنَ
الْمُزْنِ اَمْ نَحْنُ الْمُنْزِلُوْنَ ﴿٦٩﴾ لَوْ نَشَآءُ جَعَلْنٰهُ اُجَاجًا فَلَوْلَا
تَشْكُرُوْنَ ﴿٧٠﴾ اَفَرَءَيْتُمُ النَّارَ الَّتِيْ تُوْرُوْنَ ﴿٧١﴾ ءَاَنْتُمْ
اَنْشَاْتُمْ شَجَرَتَهَآ اَمْ نَحْنُ الْمُنْشِـُٔوْنَ ﴿٧٢﴾ نَحْنُ جَعَلْنٰهَا تَذْكِرَةً
وَّمَتَاعًا لِّلْمُقْوِيْنَ ﴿٧٣﴾ فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ ﴿٧٤﴾ فَلَآ
اُقْسِمُ بِمَوٰقِعِ النُّجُوْمِ ﴿٧٥﴾ وَاِنَّهٗ لَقَسَمٌ لَّوْ تَعْلَمُوْنَ عَظِيْمٌ ﴿٧٦﴾

ضرور اوهين ٿوهر جي وڻ مان کائيندؤ (٥٢). پوءِ منجهانئس پيٽن کي ڀريندؤ (٥٣). پوءِ مٿانئس تتل پاڻيءَ مان پيئندؤ (٥٤). پوءِ اُڃايلن اُٺن جي پيئڻ وانگر پيئندؤ (٥٥). قيامت جي ڏينهن اِها سندن مهماني آهي (٥٦). اسان اوهان کي پيدا ڪيو، پوءِ (وري جيارڻ کي) ڇو نه سچ ڀائيندا آهيو؟ (٥٧). ڀلا ڏسو ته سهي ته جيڪو ٽيپو (زالن جي ڳڀڻين ۾) ڪيرائيندا آهيو (٥٨). تنهن کي اوهين خلقيو ٿا ڇا؟ يا اسين خلقڻ وارا آهيون؟ (٥٩). اسان اوهان ۾ موت (اندازي سان) مقرر ڪيو آهي ۽ اسين عاجز نه آهيون (٦٠). (ٻين) اوهان جهڙن جي مٽائي آڻڻ تي ۽ اوهان کي اهڙي (شڪل) ۾ پيدا ڪريون، جنهن کي ڄاڻندا ئي نه هجو (٦١). ۽ بيشڪ پهرين پيدائش ڄاڻي چڪؤ، پوءِ ڇو نه ٿا نصيحت وٺو؟ (٦٢). ڏسو ته سهي جيڪي اوهين پوکيندا آهيو (٦٣). سو اوهين ڄمائيندا آهيو ڇا؟ يا اسين ڄمائيندا آهيون؟ (٦٤). جيڪڏهن گهرون ته ان کي ناس ڪري ڇڏيون، پوءِ اوهين عجب ۾ رهجي وڃو (٦٥). (۽ پيا چئو) ته بيشڪ اسين ٽوٽي ۾ پوڻ وارا آهيون (٦٦). بلڪ اسين بي نصيب آهيون (٦٧). ڀلا ڏسو ته سهي ته جيڪو پاڻي پيئندا آهيو (٦٨). اُهو اوهين ڪڪرن مان هيٺ لاهيندا آهيو ڇا يا اسين هيٺ لاهيندا آهيون؟ (٦٩). جيڪڏهن گهرون ته ان کي کارو ڪري ڇڏيون، پوءِ ڇو نه شڪرانو ڪندا آهيو؟ (٧٠). ڀلا ڏسو ته سهي ته جا باهه (وڻ جي ٽاريءَ مان) ٻاريندا آهيو (٧١). تنهن جي وڻ کي اوهان پيدا ڪيو آهي، ڇا يا اسين پيدا ڪندڙ آهيون؟ (٧٢). اسان اُن (وڻ) کي نصيحت وٺڻ لاءِ ۽ مسافرن جي فائدي لاءِ پيدا ڪيو آهي (٧٣). تنهن ڪري پنهنجي پالڻهار جي وڏي نالي کي پاڪائي سان ياد ڪر (٧٤). پوءِ تارن جي لهڻ جي جاين جو قسم کڻان ٿو (٧٥). ۽ جيڪڏهن ڄاڻو ته بيشڪ اهو قسم وڏو آهي (٧٦).

إِنَّهُ لَقُرْآنٌ كَرِيمٌ ﴿٧٧﴾ فِي كِتَابٍ مَّكْنُونٍ ﴿٧٨﴾ لَّا يَمَسُّهُ إِلَّا الْمُطَهَّرُونَ ﴿٧٩﴾
تَنزِيلٌ مِّن رَّبِّ الْعَالَمِينَ ﴿٨٠﴾ أَفَبِهَٰذَا الْحَدِيثِ أَنتُم مُّدْهِنُونَ ﴿٨١﴾
وَتَجْعَلُونَ رِزْقَكُمْ أَنَّكُمْ تُكَذِّبُونَ ﴿٨٢﴾ فَلَوْلَا إِذَا بَلَغَتِ الْحُلْقُومَ ﴿٨٣﴾
وَأَنتُمْ حِينَئِذٍ تَنظُرُونَ ﴿٨٤﴾ وَنَحْنُ أَقْرَبُ إِلَيْهِ مِنكُمْ وَلَٰكِن لَّا
تُبْصِرُونَ ﴿٨٥﴾ فَلَوْلَا إِن كُنتُمْ غَيْرَ مَدِينِينَ ﴿٨٦﴾ تَرْجِعُونَهَا إِن
كُنتُمْ صَادِقِينَ ﴿٨٧﴾ فَأَمَّا إِن كَانَ مِنَ الْمُقَرَّبِينَ ﴿٨٨﴾ فَرَوْحٌ وَ
رَيْحَانٌ وَجَنَّتُ نَعِيمٍ ﴿٨٩﴾ وَأَمَّا إِن كَانَ مِنْ أَصْحَابِ الْيَمِينِ ﴿٩٠﴾
فَسَلَامٌ لَّكَ مِنْ أَصْحَابِ الْيَمِينِ ﴿٩١﴾ وَأَمَّا إِن كَانَ مِنَ الْمُكَذِّبِينَ
الضَّالِّينَ ﴿٩٢﴾ فَنُزُلٌ مِّنْ حَمِيمٍ ﴿٩٣﴾ وَتَصْلِيَةُ جَحِيمٍ ﴿٩٤﴾ إِنَّ
هَٰذَا لَهُوَ حَقُّ الْيَقِينِ ﴿٩٥﴾ فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيمِ ﴿٩٦﴾

## سُورَةُ الْحَدِيدِ

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

سَبَّحَ لِلَّهِ مَا فِي السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ ۖ وَهُوَ الْعَزِيزُ الْحَكِيمُ ﴿١﴾ لَهُ مُلْكُ
السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ ۖ يُحْيِي وَيُمِيتُ ۖ وَهُوَ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ ﴿٢﴾
هُوَ الْأَوَّلُ وَالْآخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ ۖ وَهُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيمٌ ﴿٣﴾

بيشڪ اهو (ڪتاب) سڳورو قرآن آهي (٧٧). سانيل ڪتاب ۾ (لکيل) آهي (٧٨). پاڪائي وارن کان سواءِ ٻيو ڪو ان کي هٿ نه لائيندو آهي (٧٩). جهانن جي پالڻهار وٽان نازل ڪيل آهي (٨٠). پوءِ اوهين هن ڳالهه (جي مڃڻ) ۾ انڪار ڪرڻ وارا آهيو ڇا؟ (٨١). ۽ اوهين (اُن مان) پنهنجو حصو (هيءُ) ٺاهيندا آهيو جو اوهين (اُن کي) ڪوڙ ٿا ڀانيو (٨٢). پوءِ جنهن مهل (ڪنهن جو) ساهه نڙگهٽ وٽ پهچي (٨٣). ۽ اوهين اُنهيءَ مهل پيا ڏسو (٨٤). ۽ اسين اوهان جي به نسبت ڏانهس تمام ويجها آهيون، پر اوهين نه ڏسندا آهيو (٨٥). پوءِ جيڪڏهن (اوهين الله جي حڪم ۾) لاچار ٿيل نه آهيو (٨٦). ته جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته ان (روح) کي (ڇو نه ٿا) موٽايو؟ (٨٧). پر جيڪڏهن (مئل، الله جي) ويجهن ٻانهن مان هوندو (٨٨). ته ان لاءِ خوشي ۽ خوشبوءِ ۽ نعمت وارو باغ آهي (٨٩). ۽ جيڪڏهن سڄي پاسي وارن مان هوندو (٩٠). ته (چئبس اي ٻڌڻ وارا) سڄي پاسي وارن مان، توکي سلامتي آهي (٩١). ۽ پر جيڪڏهن اُهو ڪوڙ ڀائيندڙن گمراهن مان هوندو (٩٢). ته (اُن لاءِ) تتل پاڻي مهماني آهي (٩٣). ۽ (اُن کي) دوزخ ۾ گهيڙڻ آهي (٩٤). بيشڪ هيءَ خبر پوري يقيني آهي (٩٥). تنهن ڪري پنهنجي پالڻهار وڏي جي نالي کي پاڪائيءَ سان ياد ڪر (٩٦).

سورة حديد مدني آهي ۽ هن ۾ اُڻٽيهه آيتون ۽ چار رڪوع آهن.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو (سڀ) الله جي پاڪائي بيان ڪندو آهي ۽ اُهو غالب حڪمت وارو آهي (١). آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي اُن جي آهي، (اُهو) جيئاريندو آهي ۽ ماريندو آهي ۽ اُهو سڀڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي (٢). اُهو (سڀ کان) پهريون ۽ (سڀ کان) پويون آهي ۽ (اُهو) پڌرو ۽ (اُهو) ڳجهو آهي، ۽ اُهو سڀڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي (٣).

هُوَ الَّذِیْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ فِیْ سِتَّةِ اَیَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰی
عَلَی الْعَرْشِ ؕ یَعْلَمُ مَا یَلِجُ فِی الْاَرْضِ وَ مَا یَخْرُجُ مِنْهَا وَ مَا یَنْزِلُ
مِنَ السَّمَآءِ وَ مَا یَعْرُجُ فِیْهَا ؕ وَ هُوَ مَعَكُمْ اَیْنَ مَا كُنْتُمْ ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا
تَعْمَلُوْنَ بَصِیْرٌ ﴿٤﴾ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ وَ اِلَی اللّٰهِ تُرْجَعُ
الْاُمُوْرُ ﴿٥﴾ یُوْلِجُ الَّیْلَ فِی النَّهَارِ وَ یُوْلِجُ النَّهَارَ فِی الَّیْلِ ؕ وَ هُوَ
عَلِیْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿٦﴾ اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ اَنْفِقُوْا مِمَّا
جَعَلَكُمْ مُّسْتَخْلَفِیْنَ فِیْهِ ؕ فَالَّذِیْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ وَ اَنْفَقُوْا
لَهُمْ اَجْرٌ كَبِیْرٌ ﴿٧﴾ وَ مَا لَكُمْ لَا تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ ۚ وَ الرَّسُوْلُ یَدْعُوْكُمْ
لِتُؤْمِنُوْا بِرَبِّكُمْ وَ قَدْ اَخَذَ مِیْثَاقَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِیْنَ ﴿٨﴾
هُوَ الَّذِیْ یُنَزِّلُ عَلٰی عَبْدِهٖۤ اٰیٰتٍۭ بَیِّنٰتٍ لِّیُخْرِجَكُمْ مِّنَ
الظُّلُمٰتِ اِلَی النُّوْرِ ؕ وَ اِنَّ اللّٰهَ بِكُمْ لَرَءُوْفٌ رَّحِیْمٌ ﴿٩﴾ وَ
مَا لَكُمْ اَلَّا تُنْفِقُوْا فِیْ سَبِیْلِ اللّٰهِ وَ لِلّٰهِ مِیْرَاثُ السَّمٰوٰتِ وَ
الْاَرْضِ ؕ لَا یَسْتَوِیْ مِنْكُمْ مَّنْ اَنْفَقَ مِنْ قَبْلِ الْفَتْحِ وَ قٰتَلَ ؕ
اُولٰٓىِٕكَ اَعْظَمُ دَرَجَةً مِّنَ الَّذِیْنَ اَنْفَقُوْا مِنْۢ بَعْدُ وَ قٰتَلُوْا ؕ
وَ كُلًّا وَّعَدَ اللّٰهُ الْحُسْنٰی ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِیْرٌ ﴿١٠﴾ ع

(الله) اُهو آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ بڻايو، وري عرش تي قائم ٿيو. جيڪي زمين ۾ گهڙندو آهي ۽ جيڪي منجهانئس نڪرندو آهي ۽ جيڪي آسمان مان لهندو آهي ۽ جيڪي منجهس چڙهي ويندو آهي، سو (سڀ اُهو) ڄاڻندڙ آهي ۽ جتي اوهين هجو اُتي اُهو اوهان سان گڏ آهي ۽ جيڪي ڪندا آهيو، سو الله ڏسندڙ آهي (۴). آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي ان جي آهي ۽ الله ڏانهن سڀ ڪم ورايا وڃن ٿا (۵). رات کي ڏينهن ۾ گهيڙيندو آهي ۽ ڏينهن کي رات ۾ گهيڙيندو آهي ۽ اُهو سينن وارو (ڳجهه) ڄاڻندڙ آهي (٦). الله ۽ سندس پيغمبر تي ايمان آڻيو ۽ اُنهيءَ (مال جي موڙيءَ) مان (اوهين) خرچيو جنهن ۾ اوهان کي ٻين جو وارث ڪيو اٿس ۽ اوهان مان جن ايمان آندو ۽ (الله جي واٽ ۾) خرچ ڪيو تن لاءِ وڏو اجر آهي (٧). ۽ اوهان کي ڇا (ٿيو) آهي جو الله تي ايمان نه ٿا آڻيو؟ حالانڪ پيغمبر اوهان کي سڏي ٿو ته اوهين پنهنجي پالڻهار تي ايمان آڻيو ۽ بيشڪ الله اوهان کان انجام ورتو آهي، جيڪڏهن مڃڻ وارا آهيو (٨). (الله) اُهو آهي، جيڪو پنهنجي ٻانهي (محمد ﷺ) تي پڌريون آيتون نازل ڪندو آهي ته (ڪفر جي) اونداهين مان (اسلام جي) سوجهري ڏانهن اوهان کي ڪڍي ۽ بيشڪ الله اوهان تي شفقت ڪندڙ مهربان آهي (٩). ۽ اوهان کي ڇا (ٿيو) آهي جو الله جي واٽ ۾ نه خرچيندا آهيو؟ حالانڪ آسمانن ۽ زمين جي ميراث خاص الله جي آهي. جنهن (مڪي جي) فتح کان اڳ خرچ ڪيو ۽ (الله جي دين لاءِ ڪافرن سان) وڙهيو، تنهنجي برابر اوهان مان ڪوبه ڪونهي. اِهي انهن کان تمام وڏي مرتبي وارا آهن، جن (فتح کان) پوءِ خرچ ڪيو ۽ (دين لاءِ) وڙهيا. ۽ هر هڪ کي الله چڱو انجام ڏنو آهي ۽ جيڪي ڪندا آهيو، تنهن جي الله (پوري) خبر رکندڙ آهي (١٠).

مَنْ ذَا الَّذِيْ يُقْرِضُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا فَيُضٰعِفَهٗ لَهٗ وَلَهٗۤ
اَجْرٌ كَرِيْمٌ ﴿١١﴾ يَوْمَ تَرَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ يَسْعٰى نُوْرُهُمْ
بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَبِاَيْمَانِهِمْ بُشْرٰىكُمُ الْيَوْمَ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا
الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿١٢﴾ ۚ يَوْمَ يَقُوْلُ
الْمُنٰفِقُوْنَ وَالْمُنٰفِقٰتُ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوا انْظُرُوْنَا نَقْتَبِسْ مِنْ
نُّوْرِكُمْ ۚ قِيْلَ ارْجِعُوْا وَرَآءَكُمْ فَالْتَمِسُوْا نُوْرًا ؕ فَضُرِبَ بَيْنَهُمْ
بِسُوْرٍ لَّهٗ بَابٌ ؕ بَاطِنُهٗ فِيْهِ الرَّحْمَةُ وَظَاهِرُهٗ مِنْ قِبَلِهِ الْعَذَابُ ﴿١٣﴾ ؕ
يُنَادُوْنَهُمْ اَلَمْ نَكُنْ مَّعَكُمْ ؕ قَالُوْا بَلٰى وَلٰكِنَّكُمْ فَتَنْتُمْ اَنْفُسَكُمْ وَ
تَرَبَّصْتُمْ وَارْتَبْتُمْ وَغَرَّتْكُمُ الْاَمَانِيُّ حَتّٰى جَآءَ اَمْرُ اللّٰهِ وَ
غَرَّكُمْ بِاللّٰهِ الْغَرُوْرُ ﴿١٤﴾ فَالْيَوْمَ لَا يُؤْخَذُ مِنْكُمْ فِدْيَةٌ وَّلَا مِنَ
الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ مَاْوٰىكُمُ النَّارُ ؕ هِيَ مَوْلٰىكُمْ ؕ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿١٥﴾
اَلَمْ يَاْنِ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَنْ تَخْشَعَ قُلُوْبُهُمْ لِذِكْرِ اللّٰهِ وَمَا نَزَلَ
مِنَ الْحَقِّ ۙ وَلَا يَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلُ فَطَالَ
عَلَيْهِمُ الْاَمَدُ فَقَسَتْ قُلُوْبُهُمْ ؕ وَكَثِيْرٌ مِّنْهُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿١٦﴾ اِعْلَمُوْۤا اَنَّ
اللّٰهَ يُحْيِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ؕ قَدْ بَيَّنَّا لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿١٧﴾

اُهو ڪير آهي جو الله کي چڱو قرض ڏئي؟ پوءِ (الله) اُهو (قرض) اُن کي ٻيڻو ڪري ڏيندو ۽ ان لاءِ سڳورو اَجر آهي (١١). (ياد ڪر) جنهن ڏينهن مؤمنن ۽ مؤمنياڻين کي (هن حالت ۾) ڏسدين جو سندن نور اُنهن جي اڳيان ۽ اُنهن جي سڄن پاسن کان پيو ڊوڙندو، (چئبن) ته اوهانکي خوشخبري هجي جو اڄ اوهان لاءِ اهڙا باغ آهن جن جي هيٺان نهرون پيون وهن، اُتي سدائين رهندؤ. اِها ئي وڏي ڪاميابي آهي (١٢). جنهن ڏينهن منافق ۽ منافقياڻيون (گڏجي) مؤمنن کي چوندا ته اسان ڏانهن (مهربانيءَ جي نظر سان) نهاريو (ته سهي) ته اوهان جي (ايماني) نور مان (ڪجھ) روشني وٺون. چيو ويندو ته اوهين پنهنجي پٺ تي (دنيا ڏانهن) موٽو، پوءِ ڪو سوجهرو ڳوليو، پوءِ سندن وچ ۾ هڪ اهڙي ڀت هنئي ويندي جنهن کي هڪ دروازو هوندو، اُن (ڀت) جي اندران رحمت هوندي ۽ اُن (ڀت) جي ٻاهران سامهون عذاب هوندو (١٣). منافق مسلمانن کي سڏيندا ۽ چوندا ته اسين اوهان سان (دنيا ۾) گڏ نه هيا سون ڇا؟ (مسلمان) چوندا ته هائو پر پنهنجو پاڻ کي ڇتيءَ ۾ وڌوَ ۽ (ايمان آڻڻ ۾) دير ڪندا رهيؤ ۽ (نبوت ۾) شڪ آڻيندا رهيؤ ۽ اوهان کي سڌن ٺڳي ڇڏيو تانجو الله جو حڪم آيو ۽ اوهان کي الله (جي حڪم مڃڻ) کان (شيطان) ٺڳيندڙ ٺڳي ڇڏيو (١٤). تنهن ڪري (اي منافقؤ) اڄ نڪي اوهان کان ۽ نڪي ڪافرن کان ڪو بدلو وٺبو، اوهان جي جاءِ (دوزخ جي) باھ آهي، اِها اوهان جي لائق آهي ۽ اِها موٽڻ جي جاءِ بڇڙي آهي (١٥). اڃا مؤمنن لاءِ اُهو وقت نه آيو آهي ڇا؟ جو الله جي ياد ڪرڻ وقت ۽ وحيءَ الاهيءَ مان جيڪي نازل ٿيو، تنهن (جي ياد) آڻڻ وقت سندن دليون آزي ڪن ۽ اُنهن وانگر نه ٿين جن کي (هن کان) اڳ ڪتاب ڏنو ويو، پوءِ مٿن ڊگهي مدت گذري، تنهن ڪري سندن دليون سخت ٿي ويون ۽ منجهانئن گهڻا بي دين آهن (١٦). ڄاڻو ته الله زمين کي سندس ويرانيءَ کان پوءِ آباد ڪندو آهي، بيشڪ اسان اوهان لاءِ چٽيون نشانيون بيان ڪيون آهن ته مَنَ اوهين پرجهو (سمجهو) (١٧).

إِنَّ الْمُصَّدِّقِينَ وَالْمُصَّدِّقٰتِ وَأَقْرَضُوا اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا يُّضٰعَفُ
لَهُمْ وَلَهُمْ أَجْرٌ كَرِيمٌ ﴿١٨﴾ وَالَّذِينَ اٰمَنُوا بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖٓ أُولٰٓئِكَ هُمُ
الصِّدِّيقُونَ ۖ وَالشُّهَدَآءُ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۖ لَهُمْ أَجْرُهُمْ وَنُورُهُمْ ۖ وَ
الَّذِينَ كَفَرُوا وَكَذَّبُوا بِاٰيٰتِنَآ أُولٰٓئِكَ أَصْحٰبُ الْجَحِيمِ ﴿١٩﴾ اِعْلَمُوٓا أَنَّمَا
الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا لَعِبٌ وَّلَهْوٌ وَّزِينَةٌ وَّتَفَاخُرٌۢ بَيْنَكُمْ وَتَكَاثُرٌ فِي
الْأَمْوَالِ وَالْأَوْلَادِ ۖ كَمَثَلِ غَيْثٍ أَعْجَبَ الْكُفَّارَ نَبَاتُهٗ ثُمَّ يَهِيجُ
فَتَرٰىهُ مُصْفَرًّا ثُمَّ يَكُونُ حُطٰمًا ۖ وَفِي الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ شَدِيدٌ ۙ وَّمَغْفِرَةٌ
مِّنَ اللّٰهِ وَرِضْوَانٌ ۖ وَمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ إِلَّا مَتَاعُ الْغُرُورِ ﴿٢٠﴾
سَابِقُوٓا إِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَجَنَّةٍ عَرْضُهَا كَعَرْضِ السَّمَآءِ وَ
الْأَرْضِ ۙ أُعِدَّتْ لِلَّذِينَ اٰمَنُوا بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖ ۖ ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ
يُؤْتِيهِ مَنْ يَّشَآءُ ۖ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيمِ ﴿٢١﴾ مَآ أَصَابَ مِنْ مُّصِيبَةٍ
فِي الْأَرْضِ وَلَا فِيٓ أَنْفُسِكُمْ إِلَّا فِي كِتٰبٍ مِّنْ قَبْلِ أَنْ نَّبْرَأَهَا ۖ إِنَّ
ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيرٌ ﴿٢٢﴾ لِّكَيْلَا تَأْسَوْا عَلٰى مَا فَاتَكُمْ وَلَا تَفْرَحُوا بِمَآ
اٰتٰىكُمْ ۖ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ كُلَّ مُخْتَالٍ فَخُورٍ ﴿٢٣﴾ الَّذِينَ يَبْخَلُونَ وَيَأْمُرُونَ
النَّاسَ بِالْبُخْلِ ۖ وَمَنْ يَّتَوَلَّ فَإِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيدُ ﴿٢٤﴾

بيشڪ خيرات ڏيندڙن ۽ خيرات ڏيندڙين کي ۽ جن الله کي سهڻو قرض ڏنو آهي، تن کي ٻيڻو ڪري ڏبو ۽ اُنهن لاءِ سڳورو اجر آهي (١٨) . ۽ جن الله ۽ سندس پيغمبرن تي ايمان آندو، اُهي ئي پنهنجي پالڻهار وٽ سچار ۽ شهيد آهن. اُنهن لاءِ سندن اجر ۽ سندن نور آهي. ۽ جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڀانيو، اُهي دوزخي آهن (١٩) . ڄاڻو ته دنيا جي حياتي رڳو هڪ راند ۽ تماشو ۽ (ظاهري) سينگار ۽ پاڻ ۾ فخر ڪرڻ ۽ مالن ۽ اولادن ۾ (هڪ ٻئي کان) گهڻائي طلبڻ آهي، (انهيءَ جو مثال) اُنهيءَ مينهن وانگر (آهي) جنهن جو سلو (ڄمائڻ) ڪڙمين کي عجب ۾ وجهي وري سڪي وڃي، پوءِ ان کي پيلو ٿيل ڏسين وري ڀُري وڃي. ۽ آخرت ۾ (الله جي دشمنن لاءِ) سخت عذاب آهي ۽ (الله جي دوستن لاءِ) الله کان بخشش ۽ رضامندي آهي ۽ دنيا جي حياتي رڳو ٺڳيءَ جو سامان آهي (٢٠) . (تنهن ڪري) پنهنجي پالڻهار جي بخشش ۽ اُنهيءَ بهشت ڏانهن اڳرائي ڪريو، جنهن جي ويڪرائي آسمان ۽ زمين جي ويڪرائيءَ وانگر آهي، انهن لاءِ تيار ڪيو ويو آهي، جن الله ۽ سندس پيغمبرن تي ايمان آندو، اِهو الله جو فضل آهي، جنهن کي وڻيس تنهن کي ڏيندو آهي ۽ الله وڏي فضل وارو آهي (٢١) . ۽ ڪا به مصيبت نڪي زمين ۾ نڪي اوهان جي جندن ۾ پهچندي آهي، پر اُنهيءَ کان اڳ جو اُن (مصيبت) کي پيدا ڪريون هڪ ڪتاب ۾ (لکيل) آهي، بيشڪ اِهو (ڪم) الله تي آسان آهي (٢٢) . هن ڪري (اِها خبر ڏني اٿئون) ته جيڪي اوهان جي هٿن مان ويو، تنهن تي ارمان نه ڪريو ۽ جيڪي اوهان کي عطا ڪيائين، تنهن تي خوشي نه ڪريو ۽ الله سيڪنهن هٺيلي پاڻ پڏائيندڙ کي دوست نه رکندو آهي (٢٣) . (۽ اُنهن کي به دوست نه رکندو آهي) جيڪي بخل ڪندا آهن ۽ ماڻهن کي به بخيلائي ڏسيندا آهن ۽ جي ڪو منهن موڙيندو ته بيشڪ الله ئي بي پرواهه ۽ ساراهيل آهي (٢٤) .

لَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلَنَا بِالْبَيِّنٰتِ وَاَنْزَلْنَا مَعَهُمُ الْكِتٰبَ
وَالْمِيْزَانَ لِيَقُوْمَ النَّاسُ بِالْقِسْطِ ۚ وَاَنْزَلْنَا الْحَدِيْدَ فِيْهِ
بَاْسٌ شَدِيْدٌ وَّمَنَافِعُ لِلنَّاسِ وَلِيَعْلَمَ اللّٰهُ مَنْ يَّنْصُرُهٗ وَ
رُسُلَهٗ بِالْغَيْبِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ قَوِيٌّ عَزِيْزٌ ﴿٢٥﴾ وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا وَّ
اِبْرٰهِيْمَ وَجَعَلْنَا فِيْ ذُرِّيَّتِهِمَا النُّبُوَّةَ وَالْكِتٰبَ فَمِنْهُمْ مُّهْتَدٍ ۚ
وَكَثِيْرٌ مِّنْهُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿٢٦﴾ ثُمَّ قَفَّيْنَا عَلٰۤى اٰثَارِهِمْ بِرُسُلِنَا وَقَفَّيْنَا
بِعِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ وَاٰتَيْنٰهُ الْاِنْجِيْلَ ۙ وَجَعَلْنَا فِيْ قُلُوْبِ الَّذِيْنَ
اتَّبَعُوْهُ رَاْفَةً وَّرَحْمَةً ؕ وَرَهْبَانِيَّةَ ۨ ابْتَدَعُوْهَا مَا كَتَبْنٰهَا
عَلَيْهِمْ اِلَّا ابْتِغَآءَ رِضْوَانِ اللّٰهِ فَمَا رَعَوْهَا حَقَّ رِعَايَتِهَا ۚ
فَاٰتَيْنَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْهُمْ اَجْرَهُمْ ۚ وَكَثِيْرٌ مِّنْهُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿٢٧﴾
يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَاٰمِنُوْا بِرَسُوْلِهٖ يُؤْتِكُمْ
كِفْلَيْنِ مِنْ رَّحْمَتِهٖ وَيَجْعَلْ لَّكُمْ نُوْرًا تَمْشُوْنَ بِهٖ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ؕ
وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢٨﴾ لِّئَلَّا يَعْلَمَ اَهْلُ الْكِتٰبِ اَلَّا يَقْدِرُوْنَ
عَلٰى شَيْءٍ مِّنْ فَضْلِ اللّٰهِ وَاَنَّ الْفَضْلَ بِيَدِ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ
يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿٢٩﴾

بيشڪ پنهنجن پيغمبرن کي پڌرين نشانين سان موڪليوسون ۽ ساڻن ڪتاب ۽ (انصاف جي) تارازي هن لاءِ موڪلي سون ته ماڻهو انصاف کي قائم ڪن ۽ لوهه لاٿوسون، جنهن ۾ سخت ديدبو آهي ۽ ماڻهن لاءِ ٻيا فائدا (به) آهن ۽ ته جيڪو الله ۽ سندس پيغمبرن کي پريٺ مدد ڏئي، تنهن کي الله معلوم ڪري بيشڪ الله سگهارو زبردست آهي (٢٥). ۽ بيشڪ نوح ۽ ابراهيم کي موڪليو سون ۽ سندن اولاد ۾ پيغمبري ۽ ڪتاب (امانت) رکيوسون، پوءِ منجهائن ڪي هدايت وارا آهن، ۽ منجهائن گهڻا بي دين آهن (٢٦). وري سندن پٺيان پنهنجا (ٻيا) پيغمبر موڪليا سون ۽ پوئتان عيسيٰ پٽ مريم جي کي موڪليو سون ۽ کيس انجيل ڏنوسون ۽ جن سندس تابعداري ڪئي تن جي دلين ۾ نرمي ۽ ٻاجه رکي سون. ۽ اها گوشه نشيني جا پاڻ ٺاهي هيائون، سا اسان مٿن فرض نه ڪئي هئي، پر الله جي رضامندي جي طلب لاءِ (پاڻ ٺاهي هيائون) پوءِ اُن جي نظرداريءَ جو پورو حق نظر نه رکيائون. پوءِ منجهائن جن (محمدﷺ تي) ايمان آندو، تن کي سندن اجر ڏنو سون ۽ منجهائن گهڻا بي دين آهن (٢٧). اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ سندس پيغمبر (محمدﷺ) تي ايمان آڻيو ته اوهان کي پنهنجيءَ ٻاجه مان ٻه ڀاڱا ڏئي ۽ اوهان کي اهڙو نور ڏئي جنهن سان (رستو) هلو ۽ اوهان کي بخشي ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (٢٨). هن ڪري (الله هيءَ خبر ڏني) ته اهل ڪتاب ڄاڻن ته اُهي الله جي فضل مان ڪنهن شيءِ تي سگهه رکي نه سگهندا آهن ۽ (هيءُ به ڄاڻن) ته فضل الله جي هٿ ۾ آهي، جنهن کي وڻيس تنهن کي ڏيندو آهي ۽ الله وڏي فضل وارو آهي (٢٩).

# سُوۡرَۃُ الۡمُجَادَلَۃِ

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

قَدۡ سَمِعَ اللّٰہُ قَوۡلَ الَّتِیۡ تُجَادِلُکَ فِیۡ زَوۡجِہَا وَ
تَشۡتَکِیۡۤ اِلَی اللّٰہِ ٭ۖ وَ اللّٰہُ یَسۡمَعُ تَحَاوُرَکُمَا ؕ اِنَّ اللّٰہَ سَمِیۡعٌۢ بَصِیۡرٌ ﴿۱﴾
اَلَّذِیۡنَ یُظٰہِرُوۡنَ مِنۡکُمۡ مِّنۡ نِّسَآئِہِمۡ مَّا ہُنَّ اُمَّہٰتِہِمۡ ؕ اِنۡ اُمَّہٰتُہُمۡ
اِلَّا الّٰٓیِٴۡ وَلَدۡنَہُمۡ ؕ وَ اِنَّہُمۡ لَیَقُوۡلُوۡنَ مُنۡکَرًا مِّنَ الۡقَوۡلِ وَ زُوۡرًا ؕ وَ
اِنَّ اللّٰہَ لَعَفُوٌّ غَفُوۡرٌ ﴿۲﴾ وَ الَّذِیۡنَ یُظٰہِرُوۡنَ مِنۡ نِّسَآئِہِمۡ ثُمَّ
یَعُوۡدُوۡنَ لِمَا قَالُوۡا فَتَحۡرِیۡرُ رَقَبَۃٍ مِّنۡ قَبۡلِ اَنۡ یَّتَمَآسَّا ؕ ذٰلِکُمۡ
تُوۡعَظُوۡنَ بِہٖ ؕ وَ اللّٰہُ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ خَبِیۡرٌ ﴿۳﴾ فَمَنۡ لَّمۡ یَجِدۡ فَصِیَامُ
شَہۡرَیۡنِ مُتَتَابِعَیۡنِ مِنۡ قَبۡلِ اَنۡ یَّتَمَآسَّا ۚ فَمَنۡ لَّمۡ یَسۡتَطِعۡ فَاِطۡعَامُ
سِتِّیۡنَ مِسۡکِیۡنًا ؕ ذٰلِکَ لِتُؤۡمِنُوۡا بِاللّٰہِ وَ رَسُوۡلِہٖ ؕ وَ تِلۡکَ حُدُوۡدُ اللّٰہِ ؕ
وَ لِلۡکٰفِرِیۡنَ عَذَابٌ اَلِیۡمٌ ﴿۴﴾ اِنَّ الَّذِیۡنَ یُحَآدُّوۡنَ اللّٰہَ وَ رَسُوۡلَہٗ
کُبِتُوۡا کَمَا کُبِتَ الَّذِیۡنَ مِنۡ قَبۡلِہِمۡ وَ قَدۡ اَنۡزَلۡنَاۤ اٰیٰتٍۭ بَیِّنٰتٍ ؕ وَ
لِلۡکٰفِرِیۡنَ عَذَابٌ مُّہِیۡنٌ ﴿۵﴾ۚ یَوۡمَ یَبۡعَثُہُمُ اللّٰہُ جَمِیۡعًا فَیُنَبِّئُہُمۡ
بِمَا عَمِلُوۡا ؕ اَحۡصٰىہُ اللّٰہُ وَ نَسُوۡہُ ؕ وَ اللّٰہُ عَلٰی کُلِّ شَیۡءٍ شَہِیۡدٌ ﴿۶﴾ ع

سورة مجادلة مدني آهي ۽ هن ۾ ٻاويھ
آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

بيشڪ الله اُنهيءَ (عورت) جو ڳالهائڻ ٻڌو، جنهن پنهنجي مڙس بابت تو سان جهڳڙو ٿي ڪيو ۽ الله جي آڏو (پنهنجي) ڏک جو احوال (بيان) ٿي ڪيو ۽ الله اوهان ٻنهي جو پاڻ ۾ ڳالهائڻ ٻڌو ٿي، بيشڪ الله ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي (١). اوهان مان جيڪي پنهنجين زالن سان ظِهار ڪندا (يعني ماءُ چئي ويهندا) آهن، اُهي (زالون ڪي) انهن جون مائر نہ آهن، سندن مائر (تہ) اُهي آهن، جن کين ڄڻيو آهي ۽ بيشڪ اُهي (ظِهار ڪندڙ) هڪ اَڻ ڄڻائيندڙ ڳالھ ۽ ڪوڙ چوندا آهن ۽ بيشڪ الله معافي ڏيندڙ بخشڻهار آهي (٢). ۽ جيڪي پنهنجن زالن سان ظِهار ڪندا آهن، پوءِ (وري) جيڪي چيائون تنهن کان (پوئتي) موٽندا (رجوع ڪندا) آهن تہ (زال مڙس) جي پاڻ ۾ هٿ لائڻ کان اڳ (هڪ) ٻانهو آجو ڪرڻ واجب آهي، اِنهيءَ (حڪم) سان اوهان کي نصيحت ڏجي ٿي ۽ جيڪي ڪندا آهيو، تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي (٣). پوءِ جيڪو (ٻانهو) نہ لهي (تنهن تي) ٻنهي جي پاڻ ۾ هٿ لائڻ کان اڳ ٻہ مهينا لڳو لڳ روزا رکڻ (واجب) آهن، پوءِ جيڪو (روزا رکي) نہ سگهي، تنهن تي سٺ مسڪينن جو کارائڻ (واجب) آهي، اهو (حڪم هن لاءِ) آهي تہ (اوهين) الله ۽ سندس پيغمبر (جي حڪم) کي مڃيو ۽ اهي الله جون (مقرر ڪيل) حدون آهن ۽ منڪرن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (٤). بيشڪ جيڪي الله ۽ سندس پيغمبر جي مخالفت ڪندا آهن، تن کي (ائين) خوار ڪيو ويو جيئن اُنهن کي خوار ڪيو ويو، جيڪي کائنئن اڳ هئا ۽ بيشڪ پڌريون آيتون نازل ڪيون سون ۽ منڪرن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي (٥). جنهن ڏينهن اُنهن مڙني کي الله اٿاريندو (تنهن ڏينهن) کين (اُنهيءَ جي) سُڌ ڏيندو، جيڪي ڪمايو هئائون، (جو) الله اُن (سندن ڪئي) کي ڳڻي (رکي) ڇڏيو آهي ۽ (هنن) اُهو وساري ڇڏيو ۽ الله هر شيءِ تي گواهہ آهي (٦).

أَلَمْ تَرَ أَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْأَرْضِ ؕ مَا يَكُوْنُ مِنْ
نَّجْوٰى ثَلٰثَةٍ إِلَّا هُوَ رَابِعُهُمْ وَلَا خَمْسَةٍ إِلَّا هُوَ سَادِسُهُمْ وَلَآ أَدْنٰى
مِنْ ذٰلِكَ وَلَآ أَكْثَرَ إِلَّا هُوَ مَعَهُمْ أَيْنَ مَا كَانُوْا ۚ ثُمَّ يُنَبِّئُهُمْ بِمَا عَمِلُوْا
يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ إِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٧﴾ أَلَمْ تَرَ إِلَى الَّذِيْنَ نُهُوْا عَنِ
النَّجْوٰى ثُمَّ يَعُوْدُوْنَ لِمَا نُهُوْا عَنْهُ وَيَتَنٰجَوْنَ بِالْإِثْمِ وَالْعُدْوَانِ
وَمَعْصِيَتِ الرَّسُوْلِ ۫ وَإِذَا جَآءُوْكَ حَيَّوْكَ بِمَا لَمْ يُحَيِّكَ بِهِ اللّٰهُ ۙ
وَيَقُوْلُوْنَ فِيْٓ أَنْفُسِهِمْ لَوْلَا يُعَذِّبُنَا اللّٰهُ بِمَا نَقُوْلُ ؕ حَسْبُهُمْ جَهَنَّمُ ۚ
يَصْلَوْنَهَا ۚ فَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿٨﴾ يٰٓأَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا إِذَا تَنَاجَيْتُمْ
فَلَا تَتَنَاجَوْا بِالْإِثْمِ وَالْعُدْوَانِ وَمَعْصِيَتِ الرَّسُوْلِ وَتَنَاجَوْا
بِالْبِرِّ وَالتَّقْوٰى ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْٓ إِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٩﴾ إِنَّمَا النَّجْوٰى
مِنَ الشَّيْطٰنِ لِيَحْزُنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَلَيْسَ بِضَآرِّهِمْ شَيْـًٔا إِلَّا
بِإِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿١٠﴾ يٰٓأَيُّهَا الَّذِيْنَ
اٰمَنُوْٓا إِذَا قِيْلَ لَكُمْ تَفَسَّحُوْا فِي الْمَجٰلِسِ فَافْسَحُوْا يَفْسَحِ اللّٰهُ
لَكُمْ ۚ وَإِذَا قِيْلَ انْشُزُوْا فَانْشُزُوْا يَرْفَعِ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا
مِنْكُمْ ۙ وَالَّذِيْنَ أُوْتُوا الْعِلْمَ دَرَجٰتٍ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿١١﴾

نہ ڏنو اٿيئي ڇا تہ جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو الله ڄاڻندو آهي؟ (ڪٿي بہ پاڻ ۾) ٽن ڄڻن جي ڳجهي صلاح ڪرڻ نہ هوندي آهي، پر انهن ۾ چوٿون الله آهي ۽ نڪي پنجن (ڄڻن) جي (ڳجهي صلاح ڪرڻ هوندي آهي) پر انهن ۾ ڇهون الله آهي ۽ نڪي ان (ڳاڻاٽي) کان تمام گهٽ ۽ نڪي تمام وڌ آهن، پر الله ساڻن آهي، اُهي جتي بہ هجن، وري جيڪي ڪيو اٿن (تنهن جي) قيامت جي ڏينهن کين سُڌ ڏيندو، ڇو تہ الله سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي (٧). (اي پيغمبر!) اُنهن ڏانهن نہ ڏٺو اٿيئي ڇا جن کي (مسلمانن جي ايذائڻ لاءِ پاڻ ۾) ڳجهين صلاحن ڪرڻ کان جهليو ويو، وري جنهن کان جهليا ويا سو ئي ڪندا آهن، ۽ گناه ۽ حد کان لنگهڻ ۽ پيغمبر جي نافرماني ڪرڻ بابت پاڻ ۾ ڳجهيون صلاحون ڪندا آهن ۽ جڏهن تو وٽ ايندا آهن، (تڏهن) توکي اُنهيءَ (لفظ) سان سلام ڪندا آهن، جنهن سان توکي الله سلام نہ ڪيو آهي ۽ پنهنجين دلين ۾ چوندا آهن تہ جيڪي چوندا آهيون، تنهن جي ڪري الله اسان کي ڇو نہ ٿو عذاب ڪري؟ کين دوزخ ڪافي آهي، اُن ۾ گهڙندا، پوءِ دوزخ بڇڙي جاءِ آهي (٨). اي ايمان وارؤ! جڏهن (اوهين) پاڻ ۾ (ڪا) ڳجهي صلاح ڪريو (تڏهن جڳائي) تہ گناه ۽ حد کان لنگهڻ ۽ پيغمبر جي نافرمانيءَ ڪرڻ بابت (ڪابہ) پاڻ ۾ صلاح نہ ڪريو ۽ چڱائيءَ ۽ پرهيزگاريءَ بابت صلاح ڪريو ۽ انهيءَ الله کان ڊڄو، جنهن ڏانهن گڏ ڪيا ويندؤ (٩). بڇڙي صلاح ڪرڻ تہ شيطان جو ئي ڪم آهي، هن لاءِ تہ مؤمنن کي دلگير ڪري ۽ هو الله جي حڪم کان سواءِ کين ڪجھ بہ نقصان پهچائڻ وارو نہ آهي ۽ جڳائي تہ مؤمن الله تي ڀروسو ڪن (١٠). اي ايمان وارؤ! جڏهن اوهان کي چئجي تہ (پنهنجين) مجلسن ۾ جاءِ ڪشادي ڪريو، تہ پوءِ (جاءِ) ڪشادي ڪريو تہ الله بہ اوهان (جي سڀڪنهن مشڪل) جي ڪشادگي ڪري ۽ جڏهن چئجي تہ اُٿو، تڏهن اُٿو تہ اوهان مان جن ايمان آندو آهي ۽ جن کي علم ڏنو ويو آهي، تن جا مرتبا الله وڌا ڪري ۽ جيڪي ڪندا آهيو، تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي (١١).

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا نَاجَيْتُمُ الرَّسُوْلَ فَقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيْ
نَجْوٰىكُمْ صَدَقَةً ؕ ذٰلِكَ خَيْرٌ لَّكُمْ وَ اَطْهَرُ ؕ فَاِنْ لَّمْ تَجِدُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ
غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۲﴾ ءَاَشْفَقْتُمْ اَنْ تُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيْ نَجْوٰىكُمْ
صَدَقٰتٍ ؕ فَاِذْ لَمْ تَفْعَلُوْا وَ تَابَ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ فَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ
اٰتُوا الزَّكٰوةَ وَ اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ ؕ وَ اللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۳﴾ ع
اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ تَوَلَّوْا قَوْمًا غَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ ؕ مَا هُمْ مِّنْكُمْ وَ لَا
مِنْهُمْ ۙ وَ يَحْلِفُوْنَ عَلَى الْكَذِبِ وَ هُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۴﴾ اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ عَذَابًا
شَدِيْدًا ؕ اِنَّهُمْ سَآءَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۵﴾ اِتَّخَذُوْۤا اَيْمَانَهُمْ جُنَّةً
فَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَلَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿۱۶﴾ لَنْ تُغْنِيَ عَنْهُمْ
اَمْوَالُهُمْ وَ لَاۤ اَوْلَادُهُمْ مِّنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ؕ اُولٰٓىِٕكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ؕ
هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۱۷﴾ يَوْمَ يَبْعَثُهُمُ اللّٰهُ جَمِيْعًا فَيَحْلِفُوْنَ لَهٗ
كَمَا يَحْلِفُوْنَ لَكُمْ وَ يَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ عَلٰى شَيْءٍ ؕ اَلَاۤ اِنَّهُمْ هُمُ
الْكٰذِبُوْنَ ﴿۱۸﴾ اِسْتَحْوَذَ عَلَيْهِمُ الشَّيْطٰنُ فَاَنْسٰىهُمْ ذِكْرَ اللّٰهِ ؕ
اُولٰٓىِٕكَ حِزْبُ الشَّيْطٰنِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ حِزْبَ الشَّيْطٰنِ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿۱۹﴾
اِنَّ الَّذِيْنَ يُحَآدُّوْنَ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗۤ اُولٰٓىِٕكَ فِي الْاَذَلِّيْنَ ﴿۲۰﴾

اي ايمان وارؤ! جڏهن اوهين (گهرو تہ) پيغمبر سان ڪا ڳجهي ڳالهہ ڪريو، تڏهن پنهنجيءَ ڳجهيءَ ڳالهہ ڪرڻ کان اڳ پهريائين خيرات ڏيو، اِهو (ڪم) اوهان لاءِ ڀلو ۽ تمام سٺو آهي، پوءِ جيڪڏهن ڪجهہ نہ لهو تہ بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي (١٢). اوهين (اِنهيءَ ڳالهہ کان) ڊڄي ويؤ ڇا تہ پنهنجيءَ ڳجهيءَ ڳالهہ چوڻ کان پهريائين خيرات ڏيو؟ پوءِ جڏهن اوهان (ائين) نہ ڪيو ۽ الله اوهان کان ٽارو ڪيو تڏهن (هاڻي) نماز پڙهندا رهو ۽ زڪواة ڏيندا رهو ۽ الله ۽ سندس پيغمبر جو چيو مڃيو ۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي (١٣). (اي پيغمبر) اُنهن ڏانهن نہ ڏٺو اٿيئي ڇا، جن هڪ اهڙيءَ قوم سان دوستي رکي جن تي الله ڏمريو آهي، نڪي اِهي (يعني منافق) اوهان مان آهن ۽ نڪي انهن (يهودين) مان آهن ۽ اُهي ڄاڻي ٻجهي ڪوڙ تي قسم کڻندا آهن (١٤). اُنهن لاءِ الله سخت عذاب تيار ڪيو آهي، ڇو تہ اُهي جيڪي ڪندا هئا سو بڇڙو آهي (١٥). پنهنجن قسمن کي ڍال ڪري ورتو اٿن ۽ الله جي واٽ کان (ماڻهن کي) جهليائون، تنهن ڪري اُنهن لاءِ خواري ڏيندڙ عذاب آهي (١٦). الله (جي عذاب) کان نڪي سندن مال ۽ نڪي سندن اولاد ڪائنن ڪجهہ بہ ٽاريندو، اِهي دوزخي آهن، اِهي ان ۾ سدائين رهندا (١٧). جنهن ڏينهن اِنهن مڙني کي الله اٿاريندو، تنهن ڏينهن سندس اَڳو (ائين) قسم کڻندا جيئن اوهان جي اَڳو قسم کڻندا آهن ۽ ڀائيندا آهن تہ اِهي ڪنهن (چڱيءَ) ڳالهہ تي آهن، خبردار ٿيو، بيشڪ اِهي اصل ڪوڙا آهن (١٨). مٿن شيطان غالب ٿي ويو آهي، پوءِ اُنهن (جي دل) کان الله جي يادگيري وساريائين، اِهي (ماڻهو) شيطان جي جماعت آهن، خبردار (ٿيو تہ) بيشڪ شيطان جي جماعت ئي ٽوٽي واري آهي (١٩). بيشڪ جيڪي الله ۽ سندس پيغمبر (جي حڪم) جي مخالفت ڪندا آهن، سي تمام خواريءَ وارن (ذليل ماڻهن) ۾ آهن (٢٠).

كَتَبَ اللّٰهُ لَاَغْلِبَنَّ اَنَا وَرُسُلِیْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ قَوِیٌّ عَزِیْزٌ ﴿۲۱﴾ لَا تَجِدُ قَوْمًا
یُّؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْیَوْمِ الْاٰخِرِ یُوَآدُّوْنَ مَنْ حَآدَّ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ
وَلَوْ كَانُوْۤا اٰبَآءَهُمْ اَوْ اَبْنَآءَهُمْ اَوْ اِخْوَانَهُمْ اَوْ عَشِیْرَتَهُمْ ؕ اُولٰٓئِكَ
كَتَبَ فِیْ قُلُوْبِهِمُ الْاِیْمَانَ وَاَیَّدَهُمْ بِرُوْحٍ مِّنْهُ ؕ وَیُدْخِلُهُمْ جَنّٰتٍ
تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِیْنَ فِیْهَا ؕ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا
عَنْهُ ؕ اُولٰٓئِكَ حِزْبُ اللّٰهِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ حِزْبَ اللّٰهِ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۲۲﴾ ع

## سُوْرَةُ الْحَشْرِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ○

سَبَّحَ لِلّٰهِ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَمَا فِی الْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِیْزُ الْحَكِیْمُ ﴿۱﴾
هُوَ الَّذِیْۤ اَخْرَجَ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ مِنْ دِیَارِهِمْ
لِاَوَّلِ الْحَشْرِ ؕ مَا ظَنَنْتُمْ اَنْ یَّخْرُجُوْا وَظَنُّوْۤا اَنَّهُمْ مَّانِعَتُهُمْ حُصُوْنُهُمْ
مِّنَ اللّٰهِ فَاَتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ حَیْثُ لَمْ یَحْتَسِبُوْا ۗ وَقَذَفَ فِیْ
قُلُوْبِهِمُ الرُّعْبَ یُخْرِبُوْنَ بُیُوْتَهُمْ بِاَیْدِیْهِمْ وَاَیْدِی الْمُؤْمِنِیْنَ ۗ
فَاعْتَبِرُوْا یٰۤاُولِی الْاَبْصَارِ ﴿۲﴾ وَلَوْلَاۤ اَنْ كَتَبَ اللّٰهُ عَلَیْهِمُ
الْجَلَآءَ لَعَذَّبَهُمْ فِی الدُّنْیَا ؕ وَلَهُمْ فِی الْاٰخِرَةِ عَذَابُ النَّارِ ﴿۳﴾

الله لکي چڏيو آهي ته آءٌ ضرور غالب رهندس ۽ منهنجا پيغمبر به. ڇو ته الله سگهارو زبردست آهي (٢١). (اي پيغمبر) اهڙي قوم جيڪا الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندي هجي، تنهن کي تون (هن وصف سان) نه ڏسندين ته جنهن الله ۽ سندس پيغمبر جي مخالفت ڪئي آهي، تنهن سان دوستي رکندا هجن، توڙيجو اُهي (ماڻهو) سندن اَبا ڏاڏا يا سندن پٽ يا سندن ڀائر يا سندن مائٽ هجن. اِهي (مؤمن اُهي) آهن، جن جي دلين ۾ الله ايمان لکيو آهي ۽ جن کي پنهنجي ڳجهي فيض سان مدد ڏني اٿس ۽ انهن کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن، هو انهيءَ ۾ سدائين رهندا. الله کانئن راضي ٿيو ۽ اُهي کانئس راضي ٿيا. اِهي الله جي جماعت آهن، خبردار (ٿيو ته) بيشڪ الله جي جماعت ئي ڪامياب ٿيندڙ آهي (٢٢).

**سورة حشر مدني آهي ۽ هن ۾ چوويهه آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.**

**الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)**

جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو (سڀ) الله جي پاڪائي بيان ڪندو آهي، ۽ اُهو غالب حڪمت وارو آهي (١). (الله) اُهو آهي جنهن ڪتاب وارن مان ڪافرن کي سندن گهرن مان پهرينءَ ئي ويڙهه ۾ ٻاهر ڪڍي ڇڏيو (اي مسلمانؤ!) اُنهن جي نڪرڻ جو اوهين ڪو گمان نه ڪندا هيؤ ۽ اُهي ڀائيندا هئا ته الله جي (عذاب) کان سندن قلعا کين بچائڻ وارا هوندا. پوءِ (اُتان) وٽن الله (جو عذاب) پهتو جتان ڄاڻندا ئي نه هئا ۽ سندن دلين ۾ اهڙي دهشت وڌائين جو پنهنجن هٿن سان ۽ مسلمانن جي هٿن سان پنهنجن گهرن کي (پاڻ) ڊاهڻ لڳا. تنهن ڪري اي اکين وارؤ! عبرت وٺو (٢). ۽ جيڪڏهن الله مٿن جلاوطني نه لکي ها ته کين (ٻيءَ طرح) دنيا ۾ عذاب ڪري ها ۽ انهن کي آخرت ۾ (به) باه جو عذاب آهي (٣).

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ شَآقُّوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ۚ وَمَنْ يُّشَآقِّ اللّٰهَ فَاِنَّ اللّٰهَ
شَدِيْدُ الْعِقَابِ ۝۴ مَا قَطَعْتُمْ مِّنْ لِّيْنَةٍ اَوْ تَرَكْتُمُوْهَا قَآئِمَةً عَلٰٓى
اُصُوْلِهَا فَبِاِذْنِ اللّٰهِ وَلِيُخْزِيَ الْفٰسِقِيْنَ ۝۵ وَمَآ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلٰى
رَسُوْلِهٖ مِنْهُمْ فَمَآ اَوْجَفْتُمْ عَلَيْهِ مِنْ خَيْلٍ وَّلَا رِكَابٍ وَّلٰكِنَّ
اللّٰهَ يُسَلِّطُ رُسُلَهٗ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ ۭ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝۶
مَآ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ مِنْ اَهْلِ الْقُرٰى فَلِلّٰهِ وَلِلرَّسُوْلِ
وَلِذِي الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَابْنِ السَّبِيْلِ ۙ كَيْ لَا
يَكُوْنَ دُوْلَةًۢ بَيْنَ الْاَغْنِيَآءِ مِنْكُمْ ۭ وَمَآ اٰتٰىكُمُ الرَّسُوْلُ فَخُذُوْهُ ۚ وَ
مَا نَهٰىكُمْ عَنْهُ فَانْتَهُوْا ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ۝۷
لِلْفُقَرَآءِ الْمُهٰجِرِيْنَ الَّذِيْنَ اُخْرِجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَاَمْوَالِهِمْ
يَبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَرِضْوَانًا وَّيَنْصُرُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ۭ
اُولٰۗئِكَ هُمُ الصّٰدِقُوْنَ ۝۸ ۚ وَالَّذِيْنَ تَبَوَّءُو الدَّارَ وَالْاِيْمَانَ مِنْ
قَبْلِهِمْ يُحِبُّوْنَ مَنْ هَاجَرَ اِلَيْهِمْ وَلَا يَجِدُوْنَ فِيْ صُدُوْرِهِمْ
حَاجَةً مِّمَّآ اُوْتُوْا وَيُؤْثِرُوْنَ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ وَلَوْ كَانَ بِهِمْ
خَصَاصَةٌ ۭ وَمَنْ يُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ فَاُولٰۗئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۝۹ ۚ

اِهو (عذاب) هن ڪري آهي جو انهن الله ۽ سندس پيغمبر جي مخالفت
ڪئي ۽ جيڪو الله جي مخالفت ڪندو ته بيشڪ الله سخت عذاب
(ڪرڻ) وارو آهي (۴). (اي مؤمنؤ!) جيڪي ڪجين جا وڻ وڍيوَ يا اُنهن
کي پنهنجن پاڙن تي (اصلوڪيءَ حالت ۾) بيٺل ڇڏيوَ سو الله جي
حڪم سان ۽ هن لاءِ هو ته بدڪارن (ڪافرن) کي خوار ڪري (٥). ۽
اُنهن (يعني بني نضير جي مالن) مان جيڪو (مال) الله پنهنجي پيغمبر کي
هٿ ۾ ڏنو تنهن تي اوهان نڪي گهوڙا ۽ نڪي ڪي اُٺ ڊوڙايا هئا، پر الله
پنهنجن پيغمبرن کي جنهن تي وڻيس (تنهن تي) غالب ڪندو آهي ۽ الله
سڀڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي (٦). ڳوٺاڻن (جي مالن) مان جيڪي
الله پنهنجي پيغمبر کي هٿ ۾ ڏنو سو خاص الله لاءِ ۽ پيغمبر لاءِ ۽ (پيغمبر
جي) مائٽن لاءِ ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن لاءِ آهي (اِهو هن لاءِ بيان
ڪيو ويو) ته اُهو (مال رڳو) اوهان مان دنيادارن جي درميان ڏيڻ وٺڻ ۾ نه
رهي ۽ جيڪي پيغمبر اوهان کي ڏئي سو وٺو ۽ جنهن کان اوهان کي
جهلي تنهن کي ڇڏي ڏيو ۽ الله کان ڊڄو، ڇو ته الله سخت عذاب (ڪرڻ)
وارو آهي (٧). (۽ اُهو مٿي ڄاڻايل فيءَ جو مال) اُنهن هجرت ڪرڻ وارن
مسڪينن لاءِ (به) آهي، جن کي سندن گهرن ۽ سندن مالن مان ٻاهر
ڪڍيو ويو جيڪي (پنهنجي) الله کان فضل ۽ (سندس) رضامندي طلبيندا
آهن ۽ الله کي ۽ سندس پيغمبر کي مدد ڏيندا آهن، اِهي ئي سچا آهن (٨).
۽ (اُنهن لاءِ به آهي) جن دارالاسلام (يعني مديني) ۾ ۽ ايمان ۾ مهاجرن
کان اڳ گهر ٻڌايو، جيڪو وٽن لڏي اچي تنهن کي دوست رکندا آهن ۽
جيڪي مهاجرن کي ڏنو ويو، تنهن بابت پنهنجين دلين ۾ ڪا پريشاني نه
لهندا آهن ۽ (ٻين کي) پاڻ تي ترجيح ڏيندا آهن، توڻيڪ کين ڪو احتياج
به هوندو آهي ۽ جن کي سندن نفس جي حرص کان بچايو ويو سي ئي
ڇٽڻ وارا آهن (٩).

وَالَّذِيْنَ جَآءُوْ مِنْۢ بَعْدِهِمْ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا اغْفِرْ لَنَا وَلِاِخْوَانِنَا
الَّذِيْنَ سَبَقُوْنَا بِالْاِيْمَانِ وَلَا تَجْعَلْ فِيْ قُلُوْبِنَا غِلًّا لِّلَّذِيْنَ
اٰمَنُوْا رَبَّنَآ اِنَّكَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ۝١٠ اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ نَافَقُوْا
يَقُوْلُوْنَ لِاِخْوَانِهِمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ لَئِنْ
اُخْرِجْتُمْ لَنَخْرُجَنَّ مَعَكُمْ وَلَا نُطِيْعُ فِيْكُمْ اَحَدًا اَبَدًا ۙ وَّاِنْ
قُوْتِلْتُمْ لَنَنْصُرَنَّكُمْ ۭ وَاللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ۝١١ لَئِنْ اُخْرِجُوْا
لَا يَخْرُجُوْنَ مَعَهُمْ ۚ وَلَئِنْ قُوْتِلُوْا لَا يَنْصُرُوْنَهُمْ ۚ وَلَئِنْ نَّصَرُوْهُمْ
لَيُوَلُّنَّ الْاَدْبَارَ ۣ ثُمَّ لَا يُنْصَرُوْنَ ۝١٢ لَاَنْتُمْ اَشَدُّ رَهْبَةً
فِيْ صُدُوْرِهِمْ مِّنَ اللّٰهِ ۭ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ ۝١٣
لَا يُقَاتِلُوْنَكُمْ جَمِيْعًا اِلَّا فِيْ قُرًى مُّحَصَّنَةٍ اَوْ مِنْ وَّرَآءِ
جُدُرٍ ۭ بَاْسُهُمْ بَيْنَهُمْ شَدِيْدٌ ۭ تَحْسَبُهُمْ جَمِيْعًا وَّقُلُوْبُهُمْ
شَتّٰى ۭ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْقِلُوْنَ ۝١٤ ۚ كَمَثَلِ الَّذِيْنَ
مِنْ قَبْلِهِمْ قَرِيْبًا ذَاقُوْا وَبَالَ اَمْرِهِمْ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ
اَلِيْمٌ ۝١٥ ۚ كَمَثَلِ الشَّيْطٰنِ اِذْ قَالَ لِلْاِنْسَانِ اكْفُرْ ۚ فَلَمَّا كَفَرَ
قَالَ اِنِّيْ بَرِيْۗءٌ مِّنْكَ اِنِّىْٓ اَخَافُ اللّٰهَ رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ ۝١٦

۽ (اِهو مال اُنهن لاءِ بہ آهي) جيڪي اِنهن (يعني مهاجرن ۽ انصارن) کان پوءِ آيا، چوندا آهن تہ اي اسان جا پالڻهار! اسان کي بخش ۽ اسان جي (اُنهن) ڀائرن کي (بہ) جن ايمان آڻڻ ۾ اسان کان اڳرائي ڪئي ۽ مؤمنن بہ نسبت اسان جي دلين ۾ ڪو کوٽ نہ وجھہ، اي اسان جا پالڻهار! بيشڪ تون ڏاڍو شفقت ڪندڙ مهربان آهين (١٠). اُنهن ڏانهن نہ ڏٺو اٿيئي ڇا؟ جيڪي منافق ٿيا جي پنهنجن اُنهن ڀائرن کي چوندا آهن جيڪي ڪتاب وارن مان منڪر آهن، تہ (قسم آهي تہ) جيڪڏهن اوهان کي (وطن مان) تڙايو ويو تہ (اسين بہ) اوهان سان گڏ نڪرندا سون ۽ اوهان جي حق ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن جو چيو نہ مڃيندا سون ۽ جيڪڏهن اوهان سان ويڙھہ ڪئي ويندي تہ اوهان جي ضرور مدد ڪندا سون، الله شاهدي ٿو ڏئي تہ اِهي پڪ ڪوڙا آهن (١١). (قسم آهي تہ) جيڪڏهن (ڪتاب وارن کي وطن مان) تڙبو تہ (اِهي منافق) ساڻن (وطن مان) نہ نڪرندا ۽ جيڪڏهن اُنهن سان جنگ ڪبي تہ کين مدد نہ ڏيندا، پر جيڪڏهن (ڪٿي) کين مدد ڏيندا بہ تہ ضرور (پنهنجون) پٺيون ڦيرائيندا، وري (پوءِ ڪٿان بہ) کين دد نہ ڏبي (١٢). (اي مسلمانؤ!) بيشڪ اوهين اُنهن جي دلين ۾ الله کان (بہ) وڌيڪ دهشت وارا آهيو، اِهو هن ڪري جو اُهي بي سمجھہ قوم آهن (١٣). (سڀ) هڪ هنڌ ٿي اوهان سان (ٻاهر ڪڏهن) ويڙھہ نہ ڪندا، پر قلعي وارن (مضبوط) ڳوٺن ۾ يا ڀتين جي آڙ ۾ (ڪندا) پاڻ ۾ اُنهن جي ويڙھہ تمام سخت ڀيل آهي، کين (مصلحت ۾) گڏ ٿيل ڀائيندو آهين، پر اُنهن جون دليون ڌار ڌار آهن، اِهو هن ڪري جو اِهي بيعقل قوم آهن (١٤). (سندن مثال) اُنهن جي مثال جھڙو آهي، جيڪي کائنن ڪجھہ اڳ هئا (جن) پنهنجي ڪئي جي سزا چکي ۽ اُنهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (١٥). (ڪتاب وارن سان منافقن جو مثال) شيطان جي مثال وانگر آهي، جڏهن ماڻهوءَ کي چوندو آهي تہ ڪافر ٿيءُ، پوءِ جنهن مهل ڪافر ٿيو (تنهن مهل هو) چوندو آهي تہ بيشڪ آءٌ توکان بيزار آهيان، آءٌ جهانن جي پالڻهار الله کان ڊڄان ٿو (١٦).

فَكَانَ عَاقِبَتَهُمَآ اَنَّهُمَا فِی النَّارِ خَالِدَيْنِ فِيْهَا ؕ وَ ذٰلِكَ
جَزٰٓؤُا الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۷﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَلْتَنْظُرْ
نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ لِغَدٍ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ
بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۸﴾ وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ نَسُوا اللّٰهَ فَاَنْسٰهُمْ
اَنْفُسَهُمْ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿۱۹﴾ لَا يَسْتَوِیْٓ اَصْحٰبُ
النَّارِ وَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ؕ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ هُمُ الْفَآئِزُوْنَ ﴿۲۰﴾
لَوْ اَنْزَلْنَا هٰذَا الْقُرْاٰنَ عَلٰی جَبَلٍ لَّرَاَيْتَهٗ خَاشِعًا
مُّتَصَدِّعًا مِّنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ ؕ وَتِلْكَ الْاَمْثَالُ نَضْرِبُهَا
لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ ﴿۲۱﴾ هُوَ اللّٰهُ الَّذِیْ لَآ اِلٰهَ
اِلَّا هُوَ ۚ عٰلِمُ الْغَيْبِ وَ الشَّهَادَةِ ۚ هُوَ الرَّحْمٰنُ الرَّحِيْمُ ﴿۲۲﴾
هُوَ اللّٰهُ الَّذِیْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلْمَلِكُ الْقُدُّوْسُ السَّلٰمُ
الْمُؤْمِنُ الْمُهَيْمِنُ الْعَزِيْزُ الْجَبَّارُ الْمُتَكَبِّرُ ؕ سُبْحٰنَ اللّٰهِ
عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿۲۳﴾ هُوَ اللّٰهُ الْخَالِقُ الْبَارِئُ الْمُصَوِّرُ لَهُ
الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰی ؕ يُسَبِّحُ لَهٗ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ۚ
وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۲۴﴾ ع

پوءِ (شيطان ۽ ماڻهوءَ) ٻنهي جي پڇاڙي هيءَ ٿي ته ٻئي اُتي باه ۾ هميشه هوندا ۽ اِها ظالمن جي سزا آهي (١٧). اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ جڳائي ته سڀڪو شخص سوچي ته سڀاڻي (قيامت) لاءِ ڇا اڳي موڪليو اٿس ۽ (وري ٻه) الله کان ڊڄندا رهو، ڇو ته جيڪي اوهين ڪندا آهيو، تنهن بابت الله خبر رکندڙ آهي (١٨). ۽ (اوهين) اُنهن جهڙا نه ٿيو جن الله کي وساريو، پوءِ الله اُنهن کان سندن نفسن (جي اصلاح) کي وسرائي ڇڏيو، اِهي ئي بيدين آهن (١٩). دوزخي ۽ بهشتي (پاڻ ۾) برابر نه آهن، بهشتي ئي مراد ماڻيندڙ آهن (٢٠). جيڪڏهن هن قرآن کي ڪنهن جبل تي نازل ڪريون ها ته ضرور ان کي الله جي خوف کان عاجزي ڪندڙ، پرزا پرزا ٿيل ڏسين ها ۽ اِهي مثال ماڻهن لاءِ بيان ڪريون ٿا ته مَن اُهي سوچ ڪن (٢١). الله اُهو آهي جنهن کان سواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جي لائق ئي نه آهي، (جو) ڳجهه ۽ ظاهر جو ڄاڻندڙ آهي، اُهو ٻاجهارو مهربان آهي (٢٢). الله اُهو آهي جنهن کان سواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جو لائق ئي نه آهي، (جو) بادشاهه، تمام پاڪ ذات (سڀني عيبن کان) سلامت اَمن ڏيڻ وارو، نگهبان، غالب، زبردست، وڏائيءَ جو سائين آهي. اُنهن جي شريڪ مقرر ڪرڻ کان الله پاڪ آهي (٢٣). اُهو الله خلقڻهار، نئون بڻائيندڙ، شڪليون ناهيندڙ آهي. اُن جا (سڀ) سهڻا نالا آهن، جيڪي (ٻه) آسمانن ۽ زمين ۾ آهن سي (سڀ) سندس پاڪائي بيان ڪندا آهن ۽ اُهو غالب حڪمت وارو آهي (٢٤).

## سُوْرَةُ الْمُمْتَحِنَةِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْا عَدُوِّيْ وَعَدُوَّكُمْ اَوْلِيَآءَ تُلْقُوْنَ
اِلَيْهِمْ بِالْمَوَدَّةِ وَقَدْ كَفَرُوْا بِمَا جَآءَكُمْ مِّنَ الْحَقِّ ۚ يُخْرِجُوْنَ الرَّسُوْلَ
وَاِيَّاكُمْ اَنْ تُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ رَبِّكُمْ ؕ اِنْ كُنْتُمْ خَرَجْتُمْ جِهَادًا فِيْ سَبِيْلِيْ وَ
ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِيْ ۖ تُسِرُّوْنَ اِلَيْهِمْ بِالْمَوَدَّةِ ۖۗ وَاَنَا اَعْلَمُ بِمَاۤ اَخْفَيْتُمْ وَمَاۤ
اَعْلَنْتُمْ ؕ وَمَنْ يَّفْعَلْهُ مِنْكُمْ فَقَدْ ضَلَّ سَوَآءَ السَّبِيْلِ ۝١ اِنْ
يَّثْقَفُوْكُمْ يَكُوْنُوْا لَكُمْ اَعْدَآءً وَّيَبْسُطُوْۤا اِلَيْكُمْ اَيْدِيَهُمْ وَاَلْسِنَتَهُمْ
بِالسُّوْٓءِ وَوَدُّوْا لَوْ تَكْفُرُوْنَ ؕ۝٢ لَنْ تَنْفَعَكُمْ اَرْحَامُكُمْ وَلَاۤ اَوْلَادُكُمْ ۛۚ
يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۛۚ يَفْصِلُ بَيْنَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ۝٣ قَدْ كَانَتْ لَكُمْ
اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ فِيْۤ اِبْرٰهِيْمَ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ ۚ اِذْ قَالُوْا لِقَوْمِهِمْ اِنَّا
بُرَءٰٓؤُا مِنْكُمْ وَمِمَّا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۫ كَفَرْنَا بِكُمْ وَبَدَا بَيْنَنَا
وَبَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةُ وَالْبَغْضَآءُ اَبَدًا حَتّٰى تُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَحْدَهٗۤ اِلَّا
قَوْلَ اِبْرٰهِيْمَ لِاَبِيْهِ لَاَسْتَغْفِرَنَّ لَكَ وَمَاۤ اَمْلِكُ لَكَ مِنَ اللّٰهِ
مِنْ شَيْءٍ ؕ رَبَّنَا عَلَيْكَ تَوَكَّلْنَا وَاِلَيْكَ اَنَبْنَا وَاِلَيْكَ الْمَصِيْرُ ۝٤

سورة ممتحنة مدني آهي ۽ هن ۾
تيرهن آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

اللّٰه ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اي ايمان وارؤ! منهنجي دشمن ۽ پنهجن دشمن کي دوست (ڪري) نہ وٺو. انهن ڏانهن دوستيءَ جا پيغام موڪليو ٿا، حالانڪ جيڪي اوهان وٽ سچو دين آيو آهي، تنهن جا (اُهي) منڪر ٿي چڪا آهن، پيغمبر کي ۽ اوهان کي (پنهنجن ديسن مان) هن ڪري لوڏين ٿا جو پنهنجي پالڻهار اللّٰه تي ايمان آندو اٿوَ (تہ ڪين دوست ڪري نہ وٺو) جيڪڏهن (خاص) منهنجيءَ واٽ ۾ جهاد ڪرڻ لاءِ ۽ منهنجي رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ (پنهنجن ديسن مان) نڪتا آهيو. اُنهن ڏانهن دوستيءَ جو ڳجهو پيغام (ڇو) ٿا موڪليو؟ حالانڪ جيڪي لڪايو ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪريو ٿا، سو آءٌ چڱيءَ طرح ڄاڻندو آهيان ۽ اوهان مان جيڪو اهو (ڪم) ڪندو سو بيشڪ سڌو رستو ڀليو (١). جيڪڏهن (ڪافر) اوهان کي (ڪٿي ٻہ) لهندا تہ اوهان جا (پڪا) ويري هوندا ۽ اوهان ڏانهن پنهنجا هٿ ۽ پنهنجون زبانون ايذاءَ لاءِ ڊگهيون ڪندا ۽ گهرندا تہ جيڪر (ڪنهن طرح اوهين)ڪافر ٿيو (٢). ڪڏهن ٻہ اوهان کي اوهان جا مائٽ ۽ نڪي اوهان جو اولاد قيامت جي ڏينهن ڪو فائدو ڏيندو، اوهان جي وچ ۾ (اللّٰه) فيصلو ڪندو ۽ جيڪي (اوهين) ڪندا آهيو، سو اللّٰه ڏسندڙ آهي (٣). بيشڪ ابراهيم ۽ جيڪي ساڻس هئا تن (جي ڳالهين) ۾ اوهان لاءِ چڱي پيروي آهي، جڏهن پنهنجيءَ قوم کي چيائون تہ، بيشڪ اسين اوهان کان ۽ جن کي اللّٰه کان سواءِ (اوهين) پوڄيندا آهيو تن کان بيزار آهيون، اوهان جا منڪر ٿي چڪا سون ۽ اسان جي ۽ اوهان جي وچ ۾ هميشہ دشمني ۽ وير (ايستائين) پڌرو ٿي چڪو جيستائين هڪ اللّٰه تي ايمان (نہ) آڻيندؤ مگر ابراهيم، جو پنهنجي پيءُ کي (هيءُ) چوڻ (پيروي جوڳو نہ آهي) تہ تو لاءِ ضرور بخشش گهرندس ۽ اللّٰه وٽان تو لاءِ ڪجھ ٻہ نہ تو ڪري سگهان (ابراهيم ۽ سندس ساٿين چيو تہ) اي اسان جا پالڻهار! تو تي ڀروسو ڪيوسون ۽ تو ڏانهن موٽياسون ۽ تو ڏانهن (ئي) موٽڻ آهي (٤).

رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا فِتْنَةً لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَاغْفِرْ لَنَا رَبَّنَا ۚ اِنَّكَ اَنْتَ
الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ۝٥ لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْهِمْ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ لِّمَنْ كَانَ
يَرْجُوا اللّٰهَ وَالْيَوْمَ الْاٰخِرَ ؕ وَمَنْ يَّتَوَلَّ فَاِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ۝٦ ع
عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّجْعَلَ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَ الَّذِيْنَ عَادَيْتُمْ مِّنْهُمْ مَّوَدَّةً ؕ
وَاللّٰهُ قَدِيْرٌ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝٧ لَا يَنْهٰىكُمُ اللّٰهُ عَنِ الَّذِيْنَ لَمْ
يُقَاتِلُوْكُمْ فِي الدِّيْنِ وَلَمْ يُخْرِجُوْكُمْ مِّنْ دِيَارِكُمْ اَنْ تَبَرُّوْهُمْ وَ
تُقْسِطُوْٓا اِلَيْهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ ۝٨ اِنَّمَا يَنْهٰىكُمُ اللّٰهُ عَنِ
الَّذِيْنَ قٰتَلُوْكُمْ فِي الدِّيْنِ وَاَخْرَجُوْكُمْ مِّنْ دِيَارِكُمْ وَظٰهَرُوْا عَلٰٓى
اِخْرَاجِكُمْ اَنْ تَوَلَّوْهُمْ ۚ وَمَنْ يَّتَوَلَّهُمْ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ۝٩
يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا جَآءَكُمُ الْمُؤْمِنٰتُ مُهٰجِرٰتٍ فَامْتَحِنُوْهُنَّ ؕ
اَللّٰهُ اَعْلَمُ بِاِيْمَانِهِنَّ ۚ فَاِنْ عَلِمْتُمُوْهُنَّ مُؤْمِنٰتٍ فَلَا تَرْجِعُوْهُنَّ
اِلَى الْكُفَّارِ ؕ لَا هُنَّ حِلٌّ لَّهُمْ وَلَا هُمْ يَحِلُّوْنَ لَهُنَّ ؕ وَاٰتُوْهُمْ مَّآ
اَنْفَقُوْا ؕ وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اَنْ تَنْكِحُوْهُنَّ اِذَآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ ؕ
وَلَا تُمْسِكُوْا بِعِصَمِ الْكَوَافِرِ وَسْئَلُوْا مَآ اَنْفَقْتُمْ وَلْيَسْئَلُوْا مَآ
اَنْفَقُوْا ؕ ذٰلِكُمْ حُكْمُ اللّٰهِ ؕ يَحْكُمُ بَيْنَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ۝١٠

اي اسان جا پالڻهار! اسان کي ڪافرن جو زيردست نہ ڪر ۽ اي اسان جا پالڻهار! اسان کي بخش، ڇو تہ تون ئي غالب حڪمت وارو آهين (٥). بيشڪ انهيءَ (مٿينءَ) جماعت ۾ چڱي پيروي اوهان مان اُنهيءَ لاءِ آهي، جيڪو الله (جي ملاقات) ۽ قيامت جي ڏينهن (جي اچڻ) جي اُميد رکندو هجي ۽ جيڪو منهن موڙيندو تہ بيشڪ الله سڀ کان بي پرواهہ ساراهيل آهي (٦). ويجهو آهي تہ الله اوهان جي ۽ اُنهن جي وچ ۾ دوستي پيدا ڪري جن سان اُنهن منجهان دشمني رکي اٿو ۽ الله سگهارو آهي ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (٧). الله اوهان کي اُنهن کان نہ ٿو جهلي جن اوهان سان دين (جي ڳالهہ) ۾ نڪي جنگ ڪئي آهي ۽ نڪي اوهان جي گهرن مان اوهان کي (ٻاهر) ڪڍيو آهي تہ ساڻن احسان ڪريو ۽ سندن حق ۾ انصاف ڪريو، ڇو تہ الله انصاف ڪرڻ وارن کي دوست رکندو آهي (٨). الله اوهان کي رڳو اُنهن کان جهلي ٿو، جن اوهان سان دين بابت ويڙهہ ڪئي آهي ۽ اوهان کي اوهان جي گهرن مان (ٻاهر) ڪڍيو آهي ۽ اوهان جي ڪڍڻ ۾ (ٻين جي) مدد ڪئي آهي (هن ڪان جهلي ٿو) تہ ساڻن دوستي رکو ۽ جيڪي ساڻن دوستي رکندا سي ئي ظالم آهن (٩). اي ايمان وارؤ! جڏهن اوهان وٽ مؤمنياڻيون وطن ڇڏي اچن تڏهن کين پرکيو. الله انهن جي ايمان کي چڱو ڄاڻيندڙ آهي، پوءِ جيڪڏهن کين (پڪ) مؤمنياڻيون ڄاڻو (تہ) انهن کي ڪافرن ڏانهن موٽائي نہ موڪليو، نڪي اهي (مسلمان زالون) پوءِ انهن (جي مڙسن ڪافرن) کي حلال آهن ۽ نڪي اُهي (ڪافر مڙس) اُنهن (مسلمان زالن) کي حلال آهن ۽ جيڪي (ڪابين بابت) خرچ ڪيائون سو انهن (مڙسن) کي ڏيو ۽ جڏهن کين سندن ڪابين ڏيو (تڏهن) اُنهن جي نڪاح ڪرڻ ۾ اوهان تي (ڪو) گناهہ نہ آهي ۽ (پنهجين زالن) ڪافرياڻين جو قبضو بند نہ رکو. ۽ جيڪي اوهان (پنهنجين زالن تي ڪابين) خرچ ڪئي هجي سا (اُنهن کان) گهرو ۽ جيڪي انهن (ڪافرن پنهنجين زالن تي) خرچ ڪيو سو پلي تہ اُهي (اوهان کان) گهرن. اهو الله جو حڪم آهي، جو اوهان جي وچ ۾ فيصلو ٿو ڪري ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (١٠).

وَاِنْ فَاتَكُمْ شَیْءٌ مِّنْ اَزْوَاجِكُمْ اِلَى الْكُفَّارِ فَعَاقَبْتُمْ فَاٰتُوا
الَّذِیْنَ ذَهَبَتْ اَزْوَاجُهُمْ مِّثْلَ مَآ اَنْفَقُوْا ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِیْٓ
اَنْتُمْ بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۱﴾ یٰٓاَیُّهَا النَّبِیُّ اِذَا جَآءَكَ الْمُؤْمِنٰتُ یُبَایِعْنَكَ
عَلٰٓی اَنْ لَّا یُشْرِكْنَ بِاللّٰهِ شَیْـًٔا وَّلَا یَسْرِقْنَ وَلَا یَزْنِیْنَ وَلَا
یَقْتُلْنَ اَوْلَادَهُنَّ وَلَا یَاْتِیْنَ بِبُهْتَانٍ یَّفْتَرِیْنَهٗ بَیْنَ
اَیْدِیْهِنَّ وَاَرْجُلِهِنَّ وَلَا یَعْصِیْنَكَ فِیْ مَعْرُوْفٍ فَبَایِعْهُنَّ
وَاسْتَغْفِرْ لَهُنَّ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِیْمٌ ﴿۱۲﴾ یٰٓاَیُّهَا الَّذِیْنَ
اٰمَنُوْا لَا تَتَوَلَّوْا قَوْمًا غَضِبَ اللّٰهُ عَلَیْهِمْ قَدْ یَئِسُوْا مِنَ
الْاٰخِرَةِ كَمَا یَئِسَ الْكُفَّارُ مِنْ اَصْحٰبِ الْقُبُوْرِ ﴿۱۳﴾ ع

## سُوْرَةُ الصَّفِّ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ○
سَبَّحَ لِلّٰهِ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَمَا فِی الْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِیْزُ الْحَكِیْمُ ﴿۱﴾
یٰٓاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا لِمَ تَقُوْلُوْنَ مَا لَا تَفْعَلُوْنَ ﴿۲﴾ كَبُرَ مَقْتًا
عِنْدَ اللّٰهِ اَنْ تَقُوْلُوْا مَا لَا تَفْعَلُوْنَ ﴿۳﴾ اِنَّ اللّٰهَ یُحِبُّ الَّذِیْنَ
یُقَاتِلُوْنَ فِیْ سَبِیْلِهٖ صَفًّا كَاَنَّهُمْ بُنْیَانٌ مَّرْصُوْصٌ ﴿۴﴾

۽ جيڪڏهن اوهان جي زالن مان ڪا (اوهان جي هٿن مان) ڪافرن ڏانهن (مرتد ٿي) ويئي هجي (۽) پوءِ (ڪافرن کي) ايذايوَ (۽ لٽيوَ) تہ پوءِ جن جون زالون ويون هجن، تن کي (اُن مال مان) اوترو ڏيو، جيترو اُنهن (ڪابين ۾) خرچ ڪيو هو ۽ اُنهي الله کان ڊڄو، جنهن تي اوهين ويساهہ رکندڙ آهيو (١١). اي پيغمبر! جڏهن تو وٽ مؤمنياڻيون اچي هن (شرط) تي، تو سان بيعت ڪن تہ ڪنهن کي الله سان شريڪ (مقرر) نہ ڪنديون ۽ نڪي چوري ڪنديون ۽ نڪي زنا ڪنديون ۽ نڪي پنهنجي اولاد کي ڪهنديون ۽ نڪي اهڙي ڪوڙي تهمت آڻينديون، جنهن کي پنهنجن هٿن ۽ پنهنجن پيرن سان ٺاهيو هجين ۽ نڪي ڪنهن چڱي ڪم ۾ تنهنجي نافرماني ڪنديون تہ (تڏهن) سندن بيعت قبول ڪر ۽ انهن لاءِ الله کان بخشش گهر، ڇو تہ الله بخشڻهار مهربان آهي (١٢). اي ايمان وارؤ! اوهين اُنهي قوم سان دوستي نہ رکو، جنهن تي الله ڏمريو آهي، بيشڪ اهي آخرت (جي ثواب) کان (اهڙو) نااُميد ٿيا آهن، جهڙوڪ ڪافر قبرن وارن کان نااميد ٿيا آهن (١٣).

سورة صف مدني آهي ۽ هن ۾ چوڏهن آيتون ۽ بہ رڪوع آهن.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو (سڀ) الله جي پاڪائي بيان ڪندو آهي ۽ اهو غالب حڪمت وارو آهي (١). اي ايمان وارؤ! جيڪي نہ ڪندا آهيو سو (زبان سان) ڇو چوندا آهيو؟ (٢). الله وٽ اها (ڳالهہ) ڏاڍي ناپسند آهي، جو (ٻين کي) اُها (ڳالهہ) چئو، جا (پاڻ) نہ ڪريو (٣). بي شڪ الله انهن کي دوست رکندو آهي، جيڪي سندس واٽ ۾ (اهڙي) صف ٻڌي وڙهندا آهن (جو) ڄڻڪ اُهي هڪڙي شيهي پلتيل ڀت آهن (٤).

وَاِذۡ قَالَ مُوۡسٰى لِقَوۡمِهٖ يٰقَوۡمِ لِمَ تُؤۡذُوۡنَنِىۡ وَقَدۡ تَّعۡلَمُوۡنَ اَنِّىۡ
رَسُوۡلُ اللّٰهِ اِلَيۡكُمۡ‌ؕ فَلَمَّا زَاغُوۡۤا اَزَاغَ اللّٰهُ قُلُوۡبَهُمۡ‌ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهۡدِى
الۡقَوۡمَ الۡفٰسِقِيۡنَ ۝٥ وَاِذۡ قَالَ عِيۡسَى ابۡنُ مَرۡيَمَ يٰبَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ اِنِّىۡ
رَسُوۡلُ اللّٰهِ اِلَيۡكُمۡ مُّصَدِّقًا لِّمَا بَيۡنَ يَدَىَّ مِنَ التَّوۡرٰٮةِ وَمُبَشِّرًاۢ
بِرَسُوۡلٍ يَّاۡتِىۡ مِنۡۢ بَعۡدِى اسۡمُهٗۤ اَحۡمَدُ‌ؕ فَلَمَّا جَآءَهُمۡ بِالۡبَيِّنٰتِ قَالُوۡا
هٰذَا سِحۡرٌ مُّبِيۡنٌ ۝٦ وَمَنۡ اَظۡلَمُ مِمَّنِ افۡتَرٰى عَلَى اللّٰهِ الۡكَذِبَ وَهُوَ
يُدۡعٰٓى اِلَى الۡاِسۡلَامِ‌ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهۡدِى الۡقَوۡمَ الظّٰلِمِيۡنَ ۝٧ يُرِيۡدُوۡنَ
لِيُطۡفِـُٔوۡا نُوۡرَ اللّٰهِ بِاَفۡوَاهِهِمۡ‌ؕ وَاللّٰهُ مُتِمُّ نُوۡرِهٖ وَلَوۡ كَرِهَ الۡكٰفِرُوۡنَ ۝٨
هُوَ الَّذِىۡۤ اَرۡسَلَ رَسُوۡلَهٗ بِالۡهُدٰى وَدِيۡنِ الۡحَـقِّ لِيُظۡهِرَهٗ عَلَى الدِّيۡنِ
كُلِّهٖ وَلَوۡ كَرِهَ الۡمُشۡرِكُوۡنَ ۝٩ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا هَلۡ اَدُلُّكُمۡ عَلٰى تِجَارَةٍ
تُنۡجِيۡكُمۡ مِّنۡ عَذَابٍ اَلِيۡمٍ ۝١٠ تُؤۡمِنُوۡنَ بِاللّٰهِ وَرَسُوۡلِهٖ وَتُجَاهِدُوۡنَ
فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ بِاَمۡوَالِكُمۡ وَاَنۡفُسِكُمۡ‌ؕ ذٰلِكُمۡ خَيۡرٌ لَّـكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ
تَعۡلَمُوۡنَ ۝١١ يَغۡفِرۡ لَـكُمۡ ذُنُوۡبَكُمۡ وَيُدۡخِلۡكُمۡ جَنّٰتٍ تَجۡرِىۡ مِنۡ تَحۡتِهَا
الۡاَنۡهٰرُ وَمَسٰكِنَ طَيِّبَةً فِىۡ جَنّٰتِ عَدۡنٍ‌ؕ ذٰلِكَ الۡفَوۡزُ الۡعَظِيۡمُ ۝١٢
وَاُخۡرٰى تُحِبُّوۡنَهَا‌ؕ نَصۡرٌ مِّنَ اللّٰهِ وَفَتۡحٌ قَرِيۡبٌ‌ؕ وَبَشِّرِ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ۝١٣

۽ (ياد ڪر) جڏهن موسىٰ پنهنجيءَ قوم کي چيو ته، اي منهنجي قوم! مون کي ڇو ايذائيندا آهيو؟ ۽ بي شڪ (اوهين) ڄاڻندا آهيو ته، آءٌ اوهان ڏانهن الله جو موڪليل (رسول) آهيان، پوءِ جنهن مهل ڏنگائي ڪيائون (تنهن مهل) الله سندن دلين کي ڏنگو ڪيو ۽ الله بدڪارن جي قوم کي سڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي (٥). ۽ (اُهو وقت ياد ڪر) جڏهن عيسىٰ پٽ مريم جي چيو ته، اي بني اسرائيلؤ! بيشڪ آءٌ اوهان ڏانهن الله جو موڪليل (رسول) آهيان، جيڪو توريت منهنجي اڳيان آهي، تنهن جو سچو ڪندڙ آهيان ۽ هڪ اهڙي پيغمبر جي خوشخبري ڏيندڙ آهيان، جو مون کان پوءِ ايندو، جنهن جو نالو احمد هوندو، پوءِ جنهن مهل (اُهو احمدﷺ) چٽن معجزن سان وٽن آيو، (تنهن مهل) چيائون ته هيءُ پڌرو جادو آهي (٦). ۽ اُن کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي؟ جنهن الله تي ڪوڙ ٻڌو، حالانڪ ان کي اسلام ڏانهن سڏيو ويندو آهي ۽ الله ظالمن جي قوم کي سڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي (٧). (اهي ڪافر) گهرندا آهن ته الله جي نور کي پنهنجن واتن سان وسائين، حالانڪ الله پنهنجي نور کي پوري ڪرڻ وارو آهي، توڙيڪ ڪافرن کي بڇان لڳي (٨). (الله) اُهو آهي جنهن پنهنجي پيغمبر کي هدايت ۽ سچي دين سان موڪليو ته ان کي سڀني دينن تي غالب ڪري توڙيڪ مشرڪ بڇان پائين (٩). اي ايمان وارؤ! اوهان کي اُنهيءَ واپار جو ڏس (نه) ڏيان ڇا جو اوهان کي ڏکوئيندڙ عذاب کان بچائي؟ (١٠). (يعني) الله ۽ سندس پيغمبر تي ايمان آڻيو ۽ پنهنجن مالن ۽ پنهنجن جانين سان الله جي واٽ ۾ جهاد ڪريو، جيڪڏهن ڄاڻندا آهيو ته اهو اوهان لاءِ ڀلو آهي (١١). (جيڪڏهن ائين ڪندؤ ته الله) اوهان جا گناه اوهان کي بخشيندو ۽ اوهان کي (اهڙن) باغن ۾ داخل ڪندو، جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن ۽ سٺين جاين هميشه (رهڻ) وارن بهشتن ۾. اها وڏي ڪاميابي آهي (١٢). ۽ ٻي (نعمت به ڏيندو) جنهن کي پسند ڪندا آهيو (اُها نعمت) الله جي طرف کان مدد ۽ سوڀ آهي (جا) ويجهي (ٿيڻي) آهي ۽ مؤمنن کي خوشخبري ڏي (١٣).

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُوْنُوْۤا اَنْصَارَ اللّٰهِ كَمَا قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ
لِلْحَوَارِيّٖنَ مَنْ اَنْصَارِيْۤ اِلَى اللّٰهِ ؕ قَالَ الْحَوَارِيُّوْنَ نَحْنُ اَنْصَارُ
اللّٰهِ فَاٰمَنَتْ طَّآئِفَةٌ مِّنْۢ بَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ وَكَفَرَتْ طَّآئِفَةٌ ۚ
فَاَيَّدْنَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا عَلٰى عَدُوِّهِمْ فَاَصْبَحُوْا ظٰهِرِيْنَ ﴿١٤﴾ ع

## سُوْرَةُ الْجُمُعَةِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

يُسَبِّحُ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ الْمَلِكِ الْقُدُّوْسِ الْعَزِيْزِ
الْحَكِيْمِ ﴿١﴾ هُوَ الَّذِيْ بَعَثَ فِي الْاُمِّيّٖنَ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ
وَيُزَكِّيْهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ ۗ وَاِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ
مُّبِيْنٍ ﴿٢﴾ لا وَّاٰخَرِيْنَ مِنْهُمْ لَمَّا يَلْحَقُوْا بِهِمْ ؕ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٣﴾ ذٰلِكَ
فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿٤﴾ مَثَلُ
الَّذِيْنَ حُمِّلُوا التَّوْرٰىةَ ثُمَّ لَمْ يَحْمِلُوْهَا كَمَثَلِ الْحِمَارِ يَحْمِلُ اَسْفَارًا ؕ
بِئْسَ مَثَلُ الْقَوْمِ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ
الظّٰلِمِيْنَ ﴿٥﴾ قُلْ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ هَادُوْۤا اِنْ زَعَمْتُمْ اَنَّكُمْ اَوْلِيَآءُ لِلّٰهِ
مِنْ دُوْنِ النَّاسِ فَتَمَنَّوُا الْمَوْتَ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٦﴾

اي ايمان وارؤ! (اوهين) الله جي دين جا مددگار بڻجو، جهڙيءَ طرح عيسيٰ پٽ مريم جي پنهنجن خاص يارن کي چيو ته، الله (جي دين) ڏانهن (مهاڙ ڪري) منهنجا مددگار ڪير آهن؟ اُنهن خاص يارن چيو ته اسين الله (جي دين) جا مددگار آهيون، پوءِ بني اسرائيلن مان هڪ ٽوليءَ ايمان آندو ۽ ٻيءَ ٽوليءَ انڪار ڪيو، تنهن ڪري ايمان وارن کي سندن دشمنن تي غلبو ڏنو سون، پوءِ غالب ٿي پيا (١۴).

**سورة جمعة مدني آهي ۽ هن ۾ يارهن آيتون ۽ به رڪوع آهن.**

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو (سڀ) الله جي پاڪائي بيان ڪندو آهي، (جو) بادشاهه، تمام پاڪ (ذات)، غالب حڪمت وارو آهي (١). (الله) اُهو آهي جنهن اڻ پڙهيلن ۾ اُنهن (جي قوم) مان هڪ پيغمبر پيدا ڪيو جو وٽن سندس آيتون پڙهندو آهي ۽ کين پاڪ ڪندو آهي ۽ کين ڪتاب ۽ دانائي سيکاريندو آهي ۽ بيشڪ اِهي (هن کان) اڳ پڌريءَ گمراهيءَ ۾ هيا (٢). ۽ اُنهن (بني ادم) مان ٻين (قومن) لاءِ (به)، جي اڃا اُنهن (مسلمانن) سان نه مليا آهن ۽ اهو غالب حڪمت وارو آهي (٣). اِهو الله جو فضل آهي اهو اُنهيءَ کي ڏيندو آهي، جنهن کي وڻندو اٿس ۽ الله وڏي فضل وارو آهي (۴). جن (ماڻهن) کي توريت کڻايو ويو، پوءِ اُهو نه کنيائون (يعني اُن موجب عمل نه ڪيائون) تن جو مثال (اُنهيءَ) گڏهه جي مثال وانگر آهي جو (گهڻا) ڪتاب کڻي. جن الله جي آيتن کي ڪوڙ ٿي ڀانيو، تنهن قوم جو مثال بڇڙو آهي ۽ الله ظالم ماڻهن کي سڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي (٥). (اي پيغمبر) چؤ ته اي يهوديؤ! جيڪڏهن ڀانئيندا آهيو ته ٻين (سڀني) ماڻهن کان سواءِ رڳو اوهين الله جا دوست آهيو ته جيڪڏهن (اِنهيءَ ڳالهه ۾ اوهين) سچا آهيو ته موت گهرو (٦).

وَلَا يَتَمَنَّوْنَهٗۤ اَبَدًاۢ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿٧﴾
قُلْ اِنَّ الْمَوْتَ الَّذِيْ تَفِرُّوْنَ مِنْهُ فَاِنَّهٗ مُلٰقِيْكُمْ ثُمَّ تُرَدُّوْنَ
اِلٰى عٰلِمِ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٨﴾ ع يٰۤاَيُّهَا
الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا نُوْدِيَ لِلصَّلٰوةِ مِنْ يَّوْمِ الْجُمُعَةِ فَاسْعَوْا اِلٰى
ذِكْرِ اللّٰهِ وَذَرُوا الْبَيْعَ ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٩﴾ فَاِذَا
قُضِيَتِ الصَّلٰوةُ فَانْتَشِرُوْا فِي الْاَرْضِ وَابْتَغُوْا مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ
وَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿١٠﴾ وَاِذَا رَاَوْا تِجَارَةً اَوْ لَهْوَا
اِنْفَضُّوْۤا اِلَيْهَا وَتَرَكُوْكَ قَآئِمًا ؕ قُلْ مَا عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ مِّنَ اللَّهْوِ
وَمِنَ التِّجَارَةِ ؕ وَاللّٰهُ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿١١﴾ ع

## سُوْرَةُ الْمُنٰفِقُوْنَ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اِذَا جَآءَكَ الْمُنٰفِقُوْنَ قَالُوْا نَشْهَدُ اِنَّكَ لَرَسُوْلُ اللّٰهِ ۘ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ
اِنَّكَ لَرَسُوْلُهٗ ؕ وَاللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَكٰذِبُوْنَ ﴿١﴾ ۚ اِتَّخَذُوْۤا
اَيْمَانَهُمْ جُنَّةً فَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اِنَّهُمْ سَآءَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٢﴾
ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ اٰمَنُوْا ثُمَّ كَفَرُوْا فَطُبِعَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَفْقَهُوْنَ ﴿٣﴾

۽ جيڪي سندن هٿن اڳي موڪليو آهي، تنهن جي ڪري اُهو ڪڏهن نہ
گهرندا ۽ الله ظالمن کي ڄاڻندڙ آهي (٧). (اي پيغمبر!) چؤ تہ بيشڪ اُهو
موت جنهن کان ڀڄندا آهيو سو تہ ضرور اوهان کي پهچڻ وارو آهي، وري
(اوهين) ڳجهہ ۽ ظاهر جي ڄاڻندڙ ڏانهن موٽايا ويندؤ، پوءِ جيڪي (اوهين
دنيا ۾) ڪندا هيؤ، تنهن جي اوهان کي سُڌ ڏيندو (٨). اي ايمان وارؤ!
جڏهن جمعي جي ڏينهن نماز لاءِ بانگ ڏني وڃي، تڏهن الله جي ياد ڪرڻ
ڏانهن ڊوڙو ۽ واپار ڇڏيو. جيڪڏهن (اوهين) ڄاڻندا آهيو تہ اهو اوهان لاءِ
ڀلو آهي (٩). پوءِ جڏهن نماز پوري ڪئي وڃي، تڏهن زمين تي ڪنڌري
وڃو ۽ الله جي فضل (رزق) جي طلب ڪريو ۽ الله کي گهڻو ياد ڪريو تہ
مَن اوهين ڇٽو (١٠). ۽ (اُهي مسلمان) جڏهن ڪو سودو (هلندو) يا ڪو
تماشو ڏسن ٿا (تڏهن) اُن ڏانهن ڊوڙي وڃن ٿا ۽ (اي پيغمبر!) توکي
(خطبي ۾) بيٺل ڇڏين ٿا (اُنهن کي) چؤ تہ جيڪي الله وٽ آهي، سو
تماشي کان ۽ واپار کان (وڌيڪ) ڀلو آهي ۽ الله (سڀني) روزي ڏيندڙن کان
ڀلو آهي (١١).

**سورة منافقون مدني آهي ۽ هن ۾ يارهن**
**آيتون ۽ ٻہ رڪوع آهن.**

**الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)**

جڏهن منافق تو وٽ ايندا آهن (تڏهن) چوندا آهن تہ شاهدي ٿا ڏيون تہ پڪ
تون الله جو پيغمبر آهين ۽ الله ڄاڻندو آهي تہ بيشڪ تون سندس پيغمبر
آهين ۽ الله شاهدي ٿو ڏئي تہ بيشڪ (اِهي) منافق ڪوڙا آهن (١).
پنهنجن قسمن کي ڍال (ڪري) ورتو اٿن، پوءِ الله جي واٽ کان روڪين
ٿا، بيشڪ اِهي جيڪي ڪندا آهن سو بڇڙو آهي (٢). اِهو هن ڪري
آهي جو انهن ايمان آندو وري انڪار ڪيائون، پوءِ اُنهن جي دلين تي مُهر
هنئي وئي، تنهن ڪري اُهي نہ سمجهندا آهن (٣).

وَاِذَا رَاَيْتَهُمْ تُعْجِبُكَ اَجْسَامُهُمْ ؕ وَاِنْ يَّقُوْلُوْا تَسْمَعْ لِقَوْلِهِمْ ؕ كَاَنَّهُمْ
خُشُبٌ مُّسَنَّدَةٌ ؕ يَحْسَبُوْنَ كُلَّ صَيْحَةٍ عَلَيْهِمْ ؕ هُمُ الْعَدُوُّ فَاحْذَرْهُمْ ؕ
قَاتَلَهُمُ اللّٰهُ ۫ اَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ﴿٤﴾ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ تَعَالَوْا يَسْتَغْفِرْ لَكُمْ رَسُوْلُ
اللّٰهِ لَوَّوْا رُءُوْسَهُمْ وَرَاَيْتَهُمْ يَصُدُّوْنَ وَهُمْ مُّسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٥﴾ سَوَآءٌ
عَلَيْهِمْ اَسْتَغْفَرْتَ لَهُمْ اَمْ لَمْ تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ ؕ لَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَهُمْ ؕ اِنَّ
اللّٰهَ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿٦﴾ هُمُ الَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ لَا تُنْفِقُوْا
عَلٰى مَنْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ حَتّٰى يَنْفَضُّوْا ؕ وَلِلّٰهِ خَزَآئِنُ السَّمٰوٰتِ
وَالْاَرْضِ وَلٰكِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَا يَفْقَهُوْنَ ﴿٧﴾ يَقُوْلُوْنَ لَئِنْ رَّجَعْنَآ
اِلَى الْمَدِيْنَةِ لَيُخْرِجَنَّ الْاَعَزُّ مِنْهَا الْاَذَلَّ ؕ وَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ وَلِرَسُوْلِهٖ
وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَلٰكِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٨﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا
لَا تُلْهِكُمْ اَمْوَالُكُمْ وَلَآ اَوْلَادُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ
فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٩﴾ وَاَنْفِقُوْا مِنْ مَّا رَزَقْنٰكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ
يَّاْتِىَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ فَيَقُوْلَ رَبِّ لَوْلَآ اَخَّرْتَنِىْٓ اِلٰٓى اَجَلٍ
قَرِيْبٍ ۙ فَاَصَّدَّقَ وَاَكُنْ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٠﴾ وَلَنْ يُّؤَخِّرَ اللّٰهُ
نَفْسًا اِذَا جَآءَ اَجَلُهَا ؕ وَاللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿١١﴾ ع

۽ (اي پيغمبر! تون) جڏهن کين ڏسندو آهين (تڏهن) سندن جسا توکي وڻندا آهن ۽ جيڪڏهن ڳالهائيندا آهن ته اُنهن جي ڳالهه (ڪَن ڏيئي) ٻڌندو آهين، (حقيقت ڪري) اُهي جڻڪ ڀت سان اُڀيون ڪاٺيون رکيل آهن، سڀڪنهن هڪل کي پاڻ تي (خطرو) ڀائيندا آهن، اهي ويري آهن، تنهن ڪري کانئن بچندو رهه، الله کين هلاڪ ڪري! ڪيڏانهن ڦيرائبا آهن؟ (۴). ۽ جڏهن کين چئبو آهي ته اچو ته، الله جو پيغمبر اوهان لاءِ بخشش گهري، تڏهن پنهنجا مٿا موڙيندا آهن ۽ اُنهن کي ڏسندو آهين ته وڏائي ڪندڙ ٿي رڪجي ويندا آهن (۵). (تون) اُنهن لاءِ بخشش گهرين يا انهن لاءِ بخشش نه گهرين ته انهن لاءِ هڪ جهڙي (ڳالهه) آهي. انهن کي الله ڪڏهن نه بخشيندو ڇو ته الله بي دينن جي قوم کي سڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي (٦). اِهي اهڙا آهن جو (هڪ ٻئي کي) چوندا آهن ته جيڪي (مهاجر) الله جي پيغمبر وٽ آهن، تن تي خرچ نه ڪريو، تان جو (ڪيس) ڇڏي وڃن ۽ (هي نه ڄاڻندا آهن ته) آسمانن ۽ زمين جا خزانا خاص الله جا آهن. پر (اِن ڳالهه کي) منافق نه سمجهندا آهن (٧). چوندا آهن ته، جيڪڏهن (اسين) مديني ۾ موٽي پهتاسون ته وڏيڪ حيثيت وارو تمام هيٺي کي اُتان ضرور ڪڍي ڇڏيندو ۽ عزت (رڳو) الله کي ۽ سندس پيغمبر کي ۽ مؤمنن کي آهي، پر (اِها ڳالهه) منافق نه ڄاڻندا آهن (٨). اي ايمان وارؤ! اوهان کي نڪي اوهان جا مال ۽ نڪي اوهان جو اولاد الله جي ياد ڪرڻ کان غافل ڪري ۽ جيڪي ائين ڪندا سي ئي خساري وارا آهن (٩). ۽ جيڪي اوهان کي روزي ڏني اٿئون، تنهن منجهان اُنهيءَ کان اڳ خرچ ڪريو، جو اوهان مان ڪنهن هڪڙي کي موت پهچي پوءِ چوڻ لڳي ته اي منهنجا پالڻهار! جيڪر مون کي هڪ ويجهيءَ مدت تائين مهلت ڏين ها ته خيرات ڪريان ها ۽ صالحن مان ٿيان ها! (١٠). ۽ جڏهن ڪنهن نفس جو اجل ايندو آهي (تڏهن) اُن کي الله ڪڏهن مهلت نه ڏيندو آهي ۽ جيڪي ڪندا آهيو، تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي (١١).

## سُورَةُ التَّغَابُنِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

يُسَبِّحُ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِۚ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ
الْحَمْدُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ① هُوَ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ
فَمِنْكُمْ كَافِرٌ وَّمِنْكُمْ مُّؤْمِنٌؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ②
خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ وَصَوَّرَكُمْ فَاَحْسَنَ صُوَرَكُمْۚ
وَاِلَيْهِ الْمَصِيْرُ ③ يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَيَعْلَمُ
مَا تُسِرُّوْنَ وَمَا تُعْلِنُوْنَؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ④
اَلَمْ يَاْتِكُمْ نَبَؤُا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَبْلُ فَذَاقُوْا وَبَالَ اَمْرِهِمْ
وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ⑤ ذٰلِكَ بِاَنَّهٗ كَانَتْ تَّاْتِيْهِمْ رُسُلُهُمْ
بِالْبَيِّنٰتِ فَقَالُوْٓا اَبَشَرٌ يَّهْدُوْنَنَا فَكَفَرُوْا وَتَوَلَّوْا وَّاسْتَغْنَى
اللّٰهُؕ وَاللّٰهُ غَنِيٌّ حَمِيْدٌ ⑥ زَعَمَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَنْ لَّنْ
يُّبْعَثُوْاؕ قُلْ بَلٰى وَرَبِّيْ لَتُبْعَثُنَّ ثُمَّ لَتُنَبَّؤُنَّ بِمَا
عَمِلْتُمْؕ وَذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرٌ ⑦ فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ
وَالنُّوْرِ الَّذِيْٓ اَنْزَلْنَاؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ⑧

سورة تغابن مدني آهي ۽ هن ۾ ارڙهن
آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

اللّٰه ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو (سڀ) اللّٰه جي پاڪائي بيان ڪندو آهي، سندس ئي بادشاهي آهي ۽ سندس ئي ساراه آهي ۽ اُهو سڀڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي (١) . (اللّٰه) اُهو آهي، جنهن اوهان کي پيدا ڪيو، پوءِ اوهان مان ڪو ڪافر ۽ اوهان مان ڪو مؤمن آهي ۽ جيڪي (اوهين) ڪندا آهيو، سو اللّٰه ڏسندڙ آهي (٢) . آسمانن ۽ زمين کي پوريءَ رٿ سان بڻايائين ۽ اوهان کي صورت ڏنائين، پوءِ اوهان جون صورتون تمام چڱيون بڻايائين ۽ ڏانهس موٽڻ آهي (٣) . جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، سو (اُهو) ڄاڻندو آهي ۽ جيڪي لڪائيندا آهيو ۽ جيڪي پڌرو ڪندا آهيو سو (به) ڄاڻندو آهي ۽ اللّٰه سينن جو ڳجهه ڄاڻندڙ آهي (۴) . (هن ڪان) اڳ جيڪي ڪافر هئا تن جي خبر اوهان وٽ نه آئي ڇا؟ پوءِ پنهنجي ڪئي جي سزا چکيائون ۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (٥) . اِهو (عذاب) هن ڪري آهي جو سندن پيغمبر (چٽن) معجزن سان وٽن ايندا هوا ته چوندا هئا ته اسان کي (اسان جهڙا) ماڻهو (سڌو) رستو ڏيکاريندا ڇا؟ پوءِ انڪار ڪيائون ۽ منهن ڦيرايائون ۽ اللّٰه (به) بي پرواهي ڪئي ۽ اللّٰه بي پرواه ساراهيل آهي (٦) . ڪافر ڀائيندا آهن ته (قبرن مان) ڪين ڪڍهن نه اٿاربو (ڪين) چؤ ته هائو! منهنجي پالڻهار جو قسم آهي ته (اوهين) ضرور اٿاربؤ، وري جيڪي ڪندا هيؤ، تنهن جي اوهان کي ضرور سُڌ ڏبي ۽ اِهو (ڪم) اللّٰه تي آسان آهي (٧) . تنهن ڪري اللّٰه ۽ سندس پيغمبر تي ايمان آڻيو ۽ اُنهيءَ نور (يعني قرآن) تي به جيڪو نازل ڪيوسون ۽ جيڪي ڪندا آهيو، تنهن جي اللّٰه خبر رکندڙ آهي (٨) .

يَوْمَ يَجْمَعُكُمْ لِيَوْمِ الْجَمْعِ ذٰلِكَ يَوْمُ التَّغَابُنِ ؕ وَمَنْ يُّؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ
وَيَعْمَلْ صَالِحًا يُّكَفِّرْ عَنْهُ سَيِّاٰتِهٖ وَيُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِیْ
مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِیْنَ فِیْهَآ اَبَدًا ؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِیْمُ ﴿۹﴾ وَ
الَّذِیْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰیٰتِنَآ اُولٰٓىِٕكَ اَصْحٰبُ النَّارِ خٰلِدِیْنَ فِیْهَا ؕ
وَبِئْسَ الْمَصِیْرُ ﴿۱۰﴾ مَآ اَصَابَ مِنْ مُّصِیْبَةٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَمَنْ
یُّؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ یَهْدِ قَلْبَهٗ ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَیْءٍ عَلِیْمٌ ﴿۱۱﴾ وَاَطِیْعُوا اللّٰهَ وَ
اَطِیْعُوا الرَّسُوْلَ ۚ فَاِنْ تَوَلَّیْتُمْ فَاِنَّمَا عَلٰی رَسُوْلِنَا الْبَلٰغُ الْمُبِیْنُ ﴿۱۲﴾
اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ وَعَلَی اللّٰهِ فَلْیَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۳﴾ یٰٓاَیُّهَا الَّذِیْنَ
اٰمَنُوْٓا اِنَّ مِنْ اَزْوَاجِكُمْ وَاَوْلَادِكُمْ عَدُوًّا لَّكُمْ فَاحْذَرُوْهُمْ ۚ
وَاِنْ تَعْفُوْا وَتَصْفَحُوْا وَتَغْفِرُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِیْمٌ ﴿۱۴﴾ اِنَّمَآ
اَمْوَالُكُمْ وَاَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ ؕ وَاللّٰهُ عِنْدَهٗٓ اَجْرٌ عَظِیْمٌ ﴿۱۵﴾ فَاتَّقُوا
اللّٰهَ مَا اسْتَطَعْتُمْ وَاسْمَعُوْا وَاَطِیْعُوْا وَاَنْفِقُوْا خَیْرًا لِّاَنْفُسِكُمْ ؕ
وَمَنْ یُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ فَاُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۱۶﴾ اِنْ
تُقْرِضُوا اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا یُّضٰعِفْهُ لَكُمْ وَیَغْفِرْ لَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ
شَكُوْرٌ حَلِیْمٌ ﴿۱۷﴾ عٰلِمُ الْغَیْبِ وَالشَّهَادَةِ الْعَزِیْزُ الْحَكِیْمُ ﴿۱۸﴾ ع

جنهن مهل اوهان کي قيامت جي ڏينهن ۾ گڏ ڪندو (تنهن مهل اوهان کي ساري سُڌ ڏبي) اُهو ڏينهن هڪ ٻئي جي ڪٽڻ هارائڻ جو آهي ۽ جيڪو الله تي ايمان آڻيندو ۽ چڱا ڪم ڪندو، تنهن کان سندس مدايون الله ميٽيندو ۽ کيس اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن، اُتي سدائين رهندا. اِها وڏي ڪاميابي آهي (٩). ۽ جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڄاتو، اُهي دوزخي آهن، ان ۾ سدائين رهندا ۽ (اُهو) هنڌ بڇڙو آهي (١٠). الله جي حڪم کان سواءِ ڪا به مصيبت نه پهچندي آهي ۽ جيڪو الله تي ايمان آڻيندو، تنهن جي دل کي (اُهو) هدايت ڪندو ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي (١١). ۽ الله جو چيو مڃيو ۽ پيغمبر جو چيو مڃيو، پوءِ جيڪڏهن منهن موڙيندؤ ته اسان جي پيغمبر تي رڳو پڌرو پيغام پهچائڻ آهي (١٢). الله (اُهو آهي جو) اُن کان سواءِ (ٻيو) عبادت جي لائق نه آهي ۽ مومنن کي جڳائي ته الله تي (ئي) ڀروسو ڪن (١٣). اي ايمان وارؤ! بيشڪ ڪي اوهان جون زالون ۽ ڪو اوهان جو اولاد اوهان جو دشمن آهي، تنهن ڪري انهن کان بچو ۽ جيڪڏهن معاف ڪريو ۽ ٽارو ڪريو ۽ بخشيو ته بيشڪ الله (به) بخشڻهار مهربان آهي (١٤). اوهان جا مال ۽ اوهان جو اولاد رڳو پرک آهن ۽ الله ئي وٽ وڏو اجر آهي (١٥). تنهن ڪري جيترو ٿي سگهيوَ اوترو الله کان ڊڄو ۽ (الله جو حڪم) ٻڌو ۽ چيو مڃيو ۽ خرچ ڪريو ته خود اوهان جي لاءِ چڱو آهي ۽ جيڪي پنهنجي نفس جي حرص کان بچايا ويا سي ئي ڇٽڻ وارا آهن (١٦). جيڪڏهن الله کي چڱيءَ طرح قرض ڏيندؤ ته (الله) اوهان کي اهو (قرض) ٻيڻو (ورائي) ڏيندو ۽ اوهان کي بخشيندو ۽ الله قدردان بردبار آهي (١٧). ڳجهه ۽ ظاهر ڄاڻندڙ، غالب، حڪمت وارو آهي (١٨).

# سُوْرَةُ الطَّلَاقِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ اِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَطَلِّقُوْهُنَّ لِعِدَّتِهِنَّ وَاَحْصُوا
الْعِدَّةَ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ رَبَّكُمْ ۚ لَا تُخْرِجُوْهُنَّ مِنْۢ بُيُوْتِهِنَّ وَلَا يَخْرُجْنَ
اِلَّاۤ اَنْ يَّاْتِيْنَ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ ؕ وَتِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ ؕ وَمَنْ يَّتَعَدَّ
حُدُوْدَ اللّٰهِ فَقَدْ ظَلَمَ نَفْسَهٗ ؕ لَا تَدْرِيْ لَعَلَّ اللّٰهَ يُحْدِثُ بَعْدَ ذٰلِكَ
اَمْرًا (١) فَاِذَا بَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَاَمْسِكُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ اَوْ فَارِقُوْهُنَّ
بِمَعْرُوْفٍ وَّاَشْهِدُوْا ذَوَيْ عَدْلٍ مِّنْكُمْ وَاَقِيْمُوا الشَّهَادَةَ لِلّٰهِ ؕ ذٰلِكُمْ
يُوْعَظُ بِهٖ مَنْ كَانَ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ
يَجْعَلْ لَّهٗ مَخْرَجًا (٢) وَّيَرْزُقْهُ مِنْ حَيْثُ لَا يَحْتَسِبُ ؕ وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى
اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بَالِغُ اَمْرِهٖ ؕ قَدْ جَعَلَ اللّٰهُ لِكُلِّ شَيْءٍ قَدْرًا (٣)
وَالّٰٓـِٔيْ يَئِسْنَ مِنَ الْمَحِيْضِ مِنْ نِّسَآئِكُمْ اِنِ ارْتَبْتُمْ فَعِدَّتُهُنَّ
ثَلٰثَةُ اَشْهُرٍ وَّالّٰٓـِٔيْ لَمْ يَحِضْنَ ؕ وَاُولَاتُ الْاَحْمَالِ اَجَلُهُنَّ اَنْ يَّضَعْنَ
حَمْلَهُنَّ ؕ وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مِنْ اَمْرِهٖ يُسْرًا (٤) ذٰلِكَ اَمْرُ اللّٰهِ
اَنْزَلَهٗۤ اِلَيْكُمْ ؕ وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يُكَفِّرْ عَنْهُ سَيِّاٰتِهٖ وَيُعْظِمْ لَهٗۤ اَجْرًا (٥)

سورة طلاق مدني آهي ۽ هن ۾ ٻارنهن
آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

اللہ ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اي پيغمبر! (پنهنجيءَ امت کي چؤ تہ اوهين) جڏهن زالن کي طلاق ڏيڻ جو ارادو ڪريو، تڏهن ڪين سندن عدت (جي شروع) ۾ طلاق ڏيو ۽ عدت ڳڻيو ۽ پنهنجي پالڻهار الله کان ڊڄو. ڪين سندن گهرن مان (عدت جي مدت ۾) پڌريءَ بيحيائيءَ جي ڪم ڪان سواءِ نہ ڪڍو ۽ (جڳائي تہ) اُهي (پاڻ بہ) نہ نڪرن ۽ اِهي الله جون (مقرر ڪيل) حدون آهن ۽ جيڪو الله جون حدون (لتاڙي) لنگهندو، تنهن بيشڪ پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪيو، (ڪوبہ نہ) ڄاڻندو آهي تہ اُن (طلاق ڏيڻ) ڪان پوءِ (متان) الله ٻيو ڪو رستو پيدا ڪري (١). پوءِ جڏهن (طلاق واريون) پنهنجيءَ مدت کي پهچن تڏهن چڱيءَ طرح سان ڪين رکو يا چڱيءَ طرح سان ڪين ڇڏي ڏيو ۽ پاڻ مان ٻہ معتبر شاهد ڪريو ۽ الله لڳ شاهدي پوري ڏيو. اِنهيءَ (حڪم) سان اُنهيءَ کي نصيحت ڏجي ٿي، جيڪو الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندو هجي ۽ جيڪو الله کان ڊڄندو تنهن جي نڪرڻ جي (الله) ڪا راه ڪندو (٢). ۽ ڪيس اتاهون روزي ڏيندو، جتان گمان ئي نہ هوندس ۽ جيڪو الله تي ڀروسو ڪندو تنهن کي الله ڪافي آهي. بيشڪ الله پنهنجي ڪم کي پورو ڪندڙ آهي، بيشڪ الله سڀڪنهن شيءِ جو اندازو ڪيو آهي (٣). ۽ اوهان جي (طلاق ڏنل) زالن مان جيڪي حيض کان نااُميد ٿيون هجن (تن جي عدت بابت) جيڪڏهن شڪ ۾ پيا آهيو تہ انهن جي عدت ٽي مهينا آهي ۽ جيڪي اڃا حيض واريون نہ ٿيون آهن (تن جي مدت بہ ٽي مهينا آهي) ۽ پيٽ وارين زالن جي عدت اِها آهي جو پنهنجو ٻار ڄڻين ۽ جيڪو الله کان ڊڄندو تنهن لاءِ الله سندس ڪم ۾ آساني ڪندو (٤). اهو الله جو حڪم آهي، جو اُهو اوهان ڏانهن نازل ڪيائين ۽ جيڪو الله کان ڊڄندو تنهن جون مدايون الله ڪانئس ميٽيندو ۽ ان کي اجر وڏيڪ ڏيندو (٥).

أَسْكِنُوهُنَّ مِنْ حَيْثُ سَكَنتُم مِّن وُجْدِكُمْ وَلَا تُضَآرُّوهُنَّ لِتُضَيِّقُوا
عَلَيْهِنَّ ۚ وَإِن كُنَّ أُولَٰتِ حَمْلٍ فَأَنفِقُوا عَلَيْهِنَّ حَتَّىٰ يَضَعْنَ حَمْلَهُنَّ ۚ
فَإِنْ أَرْضَعْنَ لَكُمْ فَآتُوهُنَّ أُجُورَهُنَّ ۖ وَأْتَمِرُوا بَيْنَكُم بِمَعْرُوفٍ ۖ وَإِن
تَعَاسَرْتُمْ فَسَتُرْضِعُ لَهُ أُخْرَىٰ ﴿٦﴾ لِيُنفِقْ ذُو سَعَةٍ مِّن سَعَتِهِ ۖ وَمَن
قُدِرَ عَلَيْهِ رِزْقُهُ فَلْيُنفِقْ مِمَّا آتَاهُ اللَّهُ ۚ لَا يُكَلِّفُ اللَّهُ نَفْسًا إِلَّا مَا آتَاهَا ۚ
سَيَجْعَلُ اللَّهُ بَعْدَ عُسْرٍ يُسْرًا ﴿٧﴾ وَكَأَيِّن مِّن قَرْيَةٍ عَتَتْ عَنْ أَمْرِ
رَبِّهَا وَرُسُلِهِ فَحَاسَبْنَاهَا حِسَابًا شَدِيدًا وَعَذَّبْنَاهَا عَذَابًا نُّكْرًا ﴿٨﴾
فَذَاقَتْ وَبَالَ أَمْرِهَا وَكَانَ عَاقِبَةُ أَمْرِهَا خُسْرًا ﴿٩﴾ أَعَدَّ اللَّهُ لَهُمْ
عَذَابًا شَدِيدًا ۖ فَاتَّقُوا اللَّهَ يَا أُولِي الْأَلْبَابِ ۚ الَّذِينَ آمَنُوا ۚ قَدْ
أَنزَلَ اللَّهُ إِلَيْكُمْ ذِكْرًا ﴿١٠﴾ رَّسُولًا يَتْلُو عَلَيْكُمْ آيَاتِ اللَّهِ مُبَيِّنَاتٍ
لِّيُخْرِجَ الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ مِنَ الظُّلُمَاتِ إِلَى النُّورِ ۚ وَمَن
يُؤْمِن بِاللَّهِ وَيَعْمَلْ صَالِحًا يُدْخِلْهُ جَنَّاتٍ تَجْرِي مِن تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ
خَالِدِينَ فِيهَا أَبَدًا ۖ قَدْ أَحْسَنَ اللَّهُ لَهُ رِزْقًا ﴿١١﴾ اللَّهُ الَّذِي خَلَقَ سَبْعَ
سَمَاوَاتٍ وَمِنَ الْأَرْضِ مِثْلَهُنَّ يَتَنَزَّلُ الْأَمْرُ بَيْنَهُنَّ لِتَعْلَمُوا أَنَّ
اللَّهَ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ وَأَنَّ اللَّهَ قَدْ أَحَاطَ بِكُلِّ شَيْءٍ عِلْمًا ﴿١٢﴾ ع

جتي پنهنجي وس آهر (اوهين) تڪندا آهيو، تتي اُنهن کي (عدت جا ڏينهن) تڪايو ۽ کين هن لاءِ نہ ايذايو تہ اُنهن کي تنگ ڪريو ۽ جيڪڏهن پيٽ سان هجن تہ جيسين پنهنجو ٻار ڄڻين (تيسين) کين خرچ ڏيو، پوءِ جيڪڏهن اوهان جي حڪم موجب (اُهي ٻار کي) کير پيارين تہ کين سندن مزوري ڏيو ۽ هلي چليءَ موجب پاڻ ۾ صلاح ڪريو ۽ جيڪڏهن پاڻ ۾ سختي ڪريو تہ ان (ٻار) جي (پيءُ جي) چوڻ تي ٻي (ڪا) کير پياري (٦). ڄڀائي تہ وس وارو پنهنجي وس آهر خرچ ڪري ۽ جنهن تي سندس روزي تنگ ڪئي ويئي آهي، تنهن کي ڄڀائي تہ جيڪي الله کيس ڏنو آهي، تنهن مان خرچ ڪري، ڪنهن کي الله تڪليف نہ ڏيندو آهي، پر (اوتري قدر) جيتري قدر الله کيس ڏنو آهي، سگهوئي الله ڏکيائي کان پوءِ سکيائي (ظاهر) ڪندو (٧). ۽ (اهڙا) گهڻائي ڳوٺ (هئا) جن پنهنجي پالڻهار جي حڪم ۽ سندس پيغمبرن (جي حڪم) کان نا فرماني ڪئي، پوءِ سخت حساب سان انهن کي پڪڙيوسون ۽ سخت سزا سان کين عذاب ڪيو سون (٨). پوءِ انهن (ڳوٺ وارن) پنهنجي ڪم جي سزا چکي ۽ انهن جي ڪم جي پڇاڙي خراب ٿي (٩). اُنهن لاءِ الله سخت عذاب تيار ڪيو آهي، تنهن ڪري اي عقل وارا مؤمنؤ! الله کان ڊڄو، بيشڪ الله اوهان ڏانهن هڪ ڪتاب (يعني قرآن) نازل ڪيو آهي (١٠). (۽) پيغمبر (بہ موڪليو اٿس) جو اوهان تي الله جون پڌريون آيتون (هن لاءِ) پڙهندو آهي تہ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي (گمراهيءَ جي) اونداهين کان (هدايت جي) سوجهري ڏانهن ڪڍي ۽ جيڪو الله تي ايمان آڻيندو ۽ چڱا ڪم ڪندو، تنهن کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن، اتي هميشہ رهندا. بيشڪ اُن جي روزي الله چڱيءَ طرح ٺاهي آهي (١١) الله اُهو آهي جنهن ستن آسمانن کي بڻايو ۽ اوتريون زمينون بہ (بڻايائين) اُنهن (ٻنهي آسمانن ۽ زمينن) جي وچ ۾ (سڀڪنهن ڪم جي رٿ جو) حڪم نازل ٿيندو آهي، (اِهو هن لاءِ بيان ڪيو سون) تہ (اوهين) ڄاڻو تہ الله سڀڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي ۽ (پڻ ڄاڻو) تہ الله (پنهنجي) علم سان سڀڪنهن شيءِ کي وڪوڙيو آهي (١٢).

# سُورَةُ التَّحْرِيمِ

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ لِمَ تُحَرِّمُ مَآ اَحَلَّ اللهُ لَكَ ۚ تَبْتَغِيْ مَرْضَاتَ
اَزْوَاجِكَ ؕ وَاللهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ① قَدْ فَرَضَ اللهُ لَكُمْ تَحِلَّةَ
اَيْمَانِكُمْ ۚ وَاللهُ مَوْلٰىكُمْ ۚ وَهُوَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ② وَاِذْ اَسَرَّ
النَّبِيُّ اِلٰى بَعْضِ اَزْوَاجِهٖ حَدِيْثًا ۚ فَلَمَّا نَبَّاَتْ بِهٖ وَاَظْهَرَهُ
اللهُ عَلَيْهِ عَرَّفَ بَعْضَهٗ وَاَعْرَضَ عَنْۢ بَعْضٍ ۚ فَلَمَّا نَبَّاَهَا بِهٖ
قَالَتْ مَنْ اَنْۢبَاَكَ هٰذَا ؕ قَالَ نَبَّاَنِيَ الْعَلِيْمُ الْخَبِيْرُ ③ اِنْ تَتُوْبَآ
اِلَى اللهِ فَقَدْ صَغَتْ قُلُوْبُكُمَا ۚ وَاِنْ تَظٰهَرَا عَلَيْهِ فَاِنَّ اللهَ
هُوَ مَوْلٰىهُ وَجِبْرِيْلُ وَصَالِحُ الْمُؤْمِنِيْنَ ۚ وَالْمَلٰٓئِكَةُ بَعْدَ ذٰلِكَ
ظَهِيْرٌ ④ عَسٰى رَبُّهٗٓ اِنْ طَلَّقَكُنَّ اَنْ يُّبْدِلَهٗٓ اَزْوَاجًا خَيْرًا
مِّنْكُنَّ مُسْلِمٰتٍ مُّؤْمِنٰتٍ قٰنِتٰتٍ تٰٓئِبٰتٍ عٰبِدٰتٍ سٰٓئِحٰتٍ
ثَيِّبٰتٍ وَّاَبْكَارًا ⑤ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْٓا اَنْفُسَكُمْ وَاَهْلِيْكُمْ
نَارًا وَّقُوْدُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ عَلَيْهَا مَلٰٓئِكَةٌ غِلَاظٌ شِدَادٌ
لَّا يَعْصُوْنَ اللهَ مَآ اَمَرَهُمْ وَيَفْعَلُوْنَ مَا يُؤْمَرُوْنَ ⑥

سورة التحريم مدني آهي ۽ هن ۾ ٻارهن
آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

**الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)**

اي پيغمبر جنهن شيءِ کي الله تو لاءِ حلال ڪيو آهي، سا (تون پاڻ تي) ڇو تو حرام ڪرين؟ (پاڻ تي حرام ڪرڻ سبب) پنهنجن زالن جو راضپو گهرين ٿو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (١). بيشڪ الله اوهان لاءِ اوهان جي قسمن جو کولڻ (ڪفارت جي ڏيڻ سان) مقرر ڪيو آهي ۽ الله اوهان جو سائين آهي ۽ اُهو ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (٢). ۽ (ياد ڪر) جڏهن پيغمبر پنهنجن زالن مان ڪنهن هڪڙيءَ کي ڪا ڳالهه ڳجهي چئي، پوءِ جڏهن اُن (ڳالهه) کي اُن (ٻي ٻيءَ) پڌرو ڪيو ۽ الله پيغمبر کي اُن (ڳجهي ڳالهه جي پڌري ڪرڻ) تي واقف ڪيو (تڏهن) پيغمبر ڪجهه اُها (ڳالهه ٻي ٻيءَ کي) ڄاڻائي ۽ ڪجهه چوڻ کان منهن موڙيائين، پوءِ جڏهن ان (ٻي ٻيءَ) کي ڳجهي ڳالهه جي پڌري ڪرڻ کان واقف ڪيائين (تڏهن) اُن (ٻيبيءَ) چيو ته اها توکي ڪنهن ڄاڻائي؟ (پيغمبر) فرمايو ته، مون کي (الله) ڄاڻندڙ، خبر رکندڙ خبر ڏني (٣). (اي پيغمبر جون زالون) جيڪڏهن اوهين ٻئي الله وٽ توبهه ڪنديون (ته چڱو آهي) بيشڪ اوهان جون دليون ڏنگيون ٿي ويون آهن ۽ جيڪڏهن پيغمبر (جي ايذائڻ) تي (اوهين) ٻئي گڏجي ڏاڍ ڪنديون ته بيشڪ الله سندس يرجهلو آهي ۽ جبرئيل ۽ سڌريل مؤمن (به)، ۽ هن کان پوءِ ملائڪ (به) مددگار آهن (٤). جيڪڏهن پيغمبر اوهان کي طلاق ڏيندو ته اميد آهي ته سگهوئي سندس پالڻهار اوهان کان چڱيون زالون فرمان بردار مؤمنياڻيون نماز پڙهندڙيون توبهه ڪندڙيون عبادت ڪرڻ واريون روزو رکندڙيون رنڙ ۽ ڪنؤاريون (ٻيون) ان کي عيوض ۾ ڏيندو (٥). اي ايمان وارؤ! پاڻ کي ۽ پنهنجن گهر جي ڀاتين کي اُنهيءَ باهه کان بچايو، جنهنجو ٻارڻ ماڻهو ۽ پهڻ هوندا، جنهن (باهه) تي ٻي رحم سخت وڻڻ وارا ملائڪ (مقرر) آهن، جيڪي (الله) کين فرمايو آهي، تنهن ۾ الله جي نافرماني نه ڪندا آهن ۽ جيڪي کين حڪم ڪبو آهي، سو ڪندا آهن (٦).

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَا تَعْتَذِرُوا الْيَوْمَ ؕ اِنَّمَا تُجْزَوْنَ مَا كُنْتُمْ
تَعْمَلُوْنَ ع ٧ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا تُوْبُوْۤا اِلَى اللّٰهِ تَوْبَةً نَّصُوْحًا ؕ
عَسٰى رَبُّكُمْ اَنْ يُّكَفِّرَ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَيُدْخِلَكُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ
مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۙ يَوْمَ لَا يُخْزِي اللّٰهُ النَّبِيَّ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ ۚ
نُوْرُهُمْ يَسْعٰى بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَبِاَيْمَانِهِمْ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَاۤ اَتْمِمْ لَنَا
نُوْرَنَا وَاغْفِرْ لَنَا ۚ اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ٨ يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ جَاهِدِ
الْكُفَّارَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ وَاغْلُظْ عَلَيْهِمْ ؕ وَمَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ؕ وَبِئْسَ
الْمَصِيْرُ ٩ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوا امْرَاَتَ نُوْحٍ وَّ
امْرَاَتَ لُوْطٍ ؕ كَانَتَا تَحْتَ عَبْدَيْنِ مِنْ عِبَادِنَا صَالِحَيْنِ
فَخَانَتٰهُمَا فَلَمْ يُغْنِيَا عَنْهُمَا مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا وَّقِيْلَ ادْخُلَا النَّارَ
مَعَ الدّٰخِلِيْنَ ١٠ وَضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا امْرَاَتَ
فِرْعَوْنَ ۘ اِذْ قَالَتْ رَبِّ ابْنِ لِيْ عِنْدَكَ بَيْتًا فِي الْجَنَّةِ وَنَجِّنِيْ مِنْ
فِرْعَوْنَ وَعَمَلِهٖ وَنَجِّنِيْ مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ۙ ١١ وَمَرْيَمَ
ابْنَتَ عِمْرٰنَ الَّتِيْۤ اَحْصَنَتْ فَرْجَهَا فَنَفَخْنَا فِيْهِ مِنْ رُّوْحِنَا
وَصَدَّقَتْ بِكَلِمٰتِ رَبِّهَا وَكُتُبِهٖ وَكَانَتْ مِنَ الْقٰنِتِيْنَ ع ١٢

(ان ڏينهن چئبو ته) اي ڪافرؤ! اڄ بهانو (پيش) نه ڪريو، جيڪي ڪندا هيؤ رڳو تنهن جي اوهان کي سزا ڏجي ٿي (٧). اي ايمان وارؤ! الله وٽ توبهه ڪريو، سچي توبهه. اوهان جي پالڻهار ۾ اميد آهي ته اوهان جون مدايون اوهان کان ميٽيندو ۽ اوهان کي (اهڙن) باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن، جنهن ڏينهن الله پيغمبر کي ۽ جن ساڻس ايمان آندو آهي، تن کي خوار نه ڪندو، سندن (ايماني) نور سندن اڳيان ۽ سندن سڄڻ پاسن کان ڊوڙندو. چوندا (ته) اي اسان جا پالڻهار! اسان لاءِ اسان جو نور پريور ڪر ۽ اسان کي بخش، ڇو ته تون سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهين (٨). اي پيغمبر! ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪر ۽ مٿن سختي ڪر ۽ سندن جاءِ دوزخ آهي ۽ اهو (ٽڪڻ جو) هنڌ بڇڙو آهي (٩). الله نوح جي زال ۽ لوط جي زال جو هڪ مثال ڪافرن لاءِ بيان ڪري ٿو (اُهي) اسان جي ٻن سڌريلن ٻانهن (جي نڪاح) هيٺ هيون، پوءِ انهن (ٻنهي ڄڻن) سان خيانت ڪيائون، پوءِ اُنهن (ٻنهي مڙسن انهن پنهنجي زالن) کان الله جو عذاب ڪجهه به نه ٽاريو ۽ (انهن کي) چئبو ته، باهه ۾ گهڙندڙن سان گڏ گهڙو (١٠). ۽ الله مؤمنن لاءِ فرعون جي زال جو هڪ مثال بيان ڪري ٿو، جڏهن چيائين ته اي منهنجا پالڻهار! پاڻ وٽ بهشت ۾ مون لاءِ ڪو گهر ٺاهه ۽ فرعون ۽ سندس ڪم کان مون کي ڇڏاءِ ۽ ظالمن جي ٽولي کان (پڻ) مونکي بچاءِ (١١). ۽ (پڻ) مريم ڌيءُ عمران جي (جو مثال بيان ڪريون ٿا) جنهن پنهنجي اوگهڙ کي بچايو، پوءِ اُن (جي رحم) ۾ پنهنجو روح ڦوڪيوسون ۽ پنهنجي پالڻهار جي حڪمن ۽ سندس ڪتابن کي سچ ڄاتو هيائين ۽ فرمان بردارن مان هئي (١٢).

## سُورَةُ المُلْكِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

تَبٰرَكَ الَّذِيْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ ز وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ
قَدِيْرُ ۙ﴿١﴾ الَّذِيْ خَلَقَ الْمَوْتَ وَالْحَيٰوةَ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ
عَمَلًا ؕ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْغَفُوْرُ ۙ﴿٢﴾ الَّذِيْ خَلَقَ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ طِبَاقًا ؕ
مَا تَرٰى فِيْ خَلْقِ الرَّحْمٰنِ مِنْ تَفٰوُتٍ ؕ فَارْجِعِ الْبَصَرَ ۙ هَلْ
تَرٰى مِنْ فُطُوْرٍ ﴿٣﴾ ثُمَّ ارْجِعِ الْبَصَرَ كَرَّتَيْنِ يَنْقَلِبْ اِلَيْكَ
الْبَصَرُ خَاسِئًا وَّهُوَ حَسِيْرٌ ﴿٤﴾ وَلَقَدْ زَيَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنْيَا
بِمَصَابِيْحَ وَجَعَلْنٰهَا رُجُوْمًا لِّلشَّيٰطِيْنِ وَاَعْتَدْنَا لَهُمْ
عَذَابَ السَّعِيْرِ ﴿٥﴾ وَلِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ عَذَابُ جَهَنَّمَ ؕ
وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿٦﴾ اِذَآ اُلْقُوْا فِيْهَا سَمِعُوْا لَهَا شَهِيْقًا وَّهِيَ
تَفُوْرُ ۙ﴿٧﴾ تَكَادُ تَمَيَّزُ مِنَ الْغَيْظِ ؕ كُلَّمَآ اُلْقِيَ فِيْهَا فَوْجٌ سَاَلَهُمْ
خَزَنَتُهَآ اَلَمْ يَاْتِكُمْ نَذِيْرٌ ﴿٨﴾ قَالُوْا بَلٰى قَدْ جَآءَنَا نَذِيْرٌ ۙ فَكَذَّبْنَا
وَقُلْنَا مَا نَزَّلَ اللّٰهُ مِنْ شَيْءٍ ۚ ۖ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ كَبِيْرٍ ﴿٩﴾
وَقَالُوْا لَوْ كُنَّا نَسْمَعُ اَوْ نَعْقِلُ مَا كُنَّا فِيْٓ اَصْحٰبِ السَّعِيْرِ ﴿١٠﴾

سورة ملک مکي آهي ۽ هن ۾ ٽيه
آيتون ۽ ٻه رکوع آهن.

اللّٰه ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اُهو (اللّٰه) وڏيءَ برڪت وارو آهي، جنهن جي هٿ ۾ (ساري ملک جي) بادشاهي آهي ۽ اُهو سيڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي (١). (اللّٰه اُهو آهي) جنهن موت ۽ حياتي پيدا ڪئي (انهي لاءِ) ته اوهان کي پرکي ته عمل جي ڪري تمام چڱو اوهان مان ڪير آهي؟ ۽ اُهو غالب بخشڻهار آهي (٢). (اللّٰه اُهو آهي) جنهن ستن آسمانن کي طبقا (طبقا) بڻايو (اي ڏسندڙ تون اللّٰه) ٻاجهاري جي بڻاوت ۾ ڪو فرق نه ڏسندين، پوءِ ورائي (نظر ڪري) ڏس ته (ڪٿي) ڪا ڦوٽ ڏسين ٿو؟ (٣). پوءِ وري ٻه نظر ڦيرائي ٻيهر پيرا (ڏس) ته (ضرور تنهنجي) نظر تو ڏانهن جهڪي ٿي ٿڪجي موٽندي (٤). ۽ بيشڪ دنيا جي آسمان کي (ستارن جي) ڏيئن سان سينگاريو اٿئون ۽ انهن کي شيطان جي چٽڻ لاءِ (هٿيار) بڻايوسون ۽ شيطانن لاءِ دوزخ جو عذاب تيار ڪيو اٿئون (٥). ۽ جن پنهنجي پالڻهار جو انڪار ڪيو تن لاءِ دوزخ جي سزا آهي ۽ اُها (رهڻ جي) جاءِ بڇڙي آهي (٦). جڏهن ڪين دوزخ ۾ اُڇليو ويندو (تڏهن) ان جون (گڏهه جهڙيون) هينگون ٻڌندا ۽ اُهو پيو اُٻامندو (٧). جو ڪاوڙ ڪان (ڇڙ ته) اجهو ٿو ڦاٽي! جنهن مهل ڪنهن ٽوليءَ کي ان ۾ پيو وجهبو (تنهن مهل) دوزخ جا داروغا انهن کان پڇندا ته اوهان وٽ ڪو ڊيڄاريندڙ (پيغمبر) نه آيو هو ڇا؟ (٨). چوندا هائو! بيشڪ اسان وٽ ڊيڄاريندڙ آيو هو، پر (ان کي) ڪوڙو ڄاتوسون ۽ چيوسون ته اللّٰه ڪا (به) شيءِ نه لاٿي آهي، بس اوهين ته وڏيءَ گمراهيءَ ۾ (پيل) آهيو (٩). ۽ چوندا ته جيڪڏهن اسين ٻڌون ها يا سمجهون ها ته دوزخين (جي ٽوليءَ) ۾ (ڪڏهن داخل) نه ٿيون ها (١٠).

فَاعْتَرَفُوْا بِذَنْۢبِهِمْ ۚ فَسُحْقًا لِّاَصْحٰبِ السَّعِيْرِ ﴿۱۱﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ
يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَيْبِ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ كَبِيْرٌ ﴿۱۲﴾ وَاَسِرُّوْا
قَوْلَكُمْ اَوِ اجْهَرُوْا بِهٖ ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿۱۳﴾ اَلَا يَعْلَمُ
مَنْ خَلَقَ ؕ وَهُوَ اللَّطِيْفُ الْخَبِيْرُ ﴿۱۴﴾ هُوَ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ
الْاَرْضَ ذَلُوْلًا فَامْشُوْا فِيْ مَنَاكِبِهَا وَكُلُوْا مِنْ رِّزْقِهٖ ؕ وَاِلَيْهِ
النُّشُوْرُ ﴿۱۵﴾ ءَاَمِنْتُمْ مَّنْ فِي السَّمَآءِ اَنْ يَّخْسِفَ بِكُمُ
الْاَرْضَ فَاِذَا هِيَ تَمُوْرُ ﴿۱۶﴾ اَمْ اَمِنْتُمْ مَّنْ فِي السَّمَآءِ اَنْ
يُّرْسِلَ عَلَيْكُمْ حَاصِبًا ؕ فَسَتَعْلَمُوْنَ كَيْفَ نَذِيْرِ ﴿۱۷﴾ وَلَقَدْ
كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ﴿۱۸﴾ اَوَلَمْ يَرَوْا
اِلَى الطَّيْرِ فَوْقَهُمْ صٰٓفّٰتٍ وَّيَقْبِضْنَ ؕ مَا يُمْسِكُهُنَّ اِلَّا الرَّحْمٰنُ ؕ
اِنَّهٗ بِكُلِّ شَيْءٍۢ بَصِيْرٌ ﴿۱۹﴾ اَمَّنْ هٰذَا الَّذِيْ هُوَ جُنْدٌ لَّكُمْ
يَنْصُرُكُمْ مِّنْ دُوْنِ الرَّحْمٰنِ ؕ اِنِ الْكٰفِرُوْنَ اِلَّا فِيْ غُرُوْرٍ ۚ ﴿۲۰﴾
اَمَّنْ هٰذَا الَّذِيْ يَرْزُقُكُمْ اِنْ اَمْسَكَ رِزْقَهٗ ۚ بَلْ لَّجُّوْا
فِيْ عُتُوٍّ وَّنُفُوْرٍ ﴿۲۱﴾ اَفَمَنْ يَّمْشِيْ مُكِبًّا عَلٰى وَجْهِهٖٓ
اَهْدٰٓى اَمَّنْ يَّمْشِيْ سَوِيًّا عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۲۲﴾

پوءِ پنهنجو ڏوهہ (پاڻ) مڃيندا، پوءِ دوزخين تي لعنت هجي شال! (١١). بيشڪ جيڪي پنهنجي پالڻھار کان پريٺ ڊڄندا آهن، تن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي (١٢). ۽ پنهنجي ڳالھ ڳجهي ڳالهايو يا اُها پڌري چئو- تہ بيشڪ الله سينن جو ڳجھ ڄاڻندڙ آهي (١٣). جنهن پيدا ڪيو سو ڪيئن نہ ڄاڻندو؟ ۽ اهو باريڪ بين خبر رکندڙ آهي (١۴). (الله) اُهو آهي جنهن زمين کي اوهان جي تابع ڪيو تہ ان جي رستن ۾ گهمو ۽ الله جي رزق مان کائو- ۽ (جيئرو ٿي) ڏانهس ڪڙو ٿيڻو آهي (١٥). (اوهين) اُنهيءَ (الله) کان بي ڀوا ٿيا آهيو ڇا؟ جو آسمان ۾ آهي تہ متان اوهان کي زمين ۾ ڳهائي ڇڏي، پوءِ اُتي جو اُتي زمين ڏڏي (١٦). (اوهين) هن (ڳالھ) کان بي ڀوا ٿيا آهيو ڇا تہ جيڪو (الله) آسمان ۾ آهي سو متان اوهان تي پهڻ وسائيندڙ واءُ موڪلي، پوءِ (سگھو) ڄاڻندؤ تہ منهنجو ديڄارڻ ڪيئن آهي؟ (١٧). ۽ بيشڪ جيڪي انهن کان اڳ هيا تن (بہ) ڪوڙ ڀانيو، پوءِ منهنجي سزا ڪهڙيءَ طرح هئي (١٨). پنهنجي مٿاهون پکين ڏانهن نہ ڏٺو اٿن ڇا؟ جي کنڀڙاٽيون ٿيڙي هلندا آهن ۽ (ڪڏهن ڪڏهن) بند ڪندا آهن، انهن کي ٻاجهاري (الله) کان سواءِ (ٻيو) ڪو بہ جهلي نہ رکندو آهي، ڇو تہ اهو سڀڪنهن شيءِ کي ڏسندڙ آهي (١٩). اُهو اوهان جو لشڪر ڪهڙو آهي، جو اوهان کي ٻاجهاري (الله) کان سواءِ مدد ڏئي؟ ڪافر رڳو ڀولي ۾ (پيل) آهن (٢٠). (ڀلا) اهو ڪير آهي جو جيڪڏهن الله پنهنجو رزق جهلي تہ اُهو اوهان کي روزي ڏئي؟ (ڪافر) سرڪشي ۽ (حق کان) نفرت ۾ اڙجي پيا آهن (٢١). ڀلا جيڪو پنهنجي منهن ڀر اونڌو ڪريل هلندو هجي، سو وڌيڪ سڌي رستي وارو آهي يا اُهو جو سڌو سنئون سڌيءَ واٽ تي هلندو هجي؟ (٢٢).

قُلْ هُوَ الَّذِیْٓ اَنْشَاَكُمْ وَجَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ وَ
الْاَفْـِٕدَةَ ؕ قَلِیْلًا مَّا تَشْكُرُوْنَ ﴿۲۳﴾ قُلْ هُوَ الَّذِیْ ذَرَاَكُمْ فِی
الْاَرْضِ وَاِلَیْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿۲۴﴾ وَیَقُوْلُوْنَ مَتٰی هٰذَا الْوَعْدُ
اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِیْنَ ﴿۲۵﴾ قُلْ اِنَّمَا الْعِلْمُ عِنْدَ اللّٰهِ ۪ وَاِنَّمَاۤ اَنَا
نَذِیْرٌ مُّبِیْنٌ ﴿۲۶﴾ فَلَمَّا رَاَوْهُ زُلْفَةً سِیْٓـَٔتْ وُجُوْهُ الَّذِیْنَ
كَفَرُوْا وَقِیْلَ هٰذَا الَّذِیْ كُنْتُمْ بِهٖ تَدَّعُوْنَ ﴿۲۷﴾ قُلْ اَرَءَیْتُمْ
اِنْ اَهْلَكَنِیَ اللّٰهُ وَمَنْ مَّعِیَ اَوْ رَحِمَنَا ۙ فَمَنْ یُّجِیْرُ الْكٰفِرِیْنَ
مِنْ عَذَابٍ اَلِیْمٍ ﴿۲۸﴾ قُلْ هُوَ الرَّحْمٰنُ اٰمَنَّا بِهٖ وَعَلَیْهِ
تَوَكَّلْنَا ۚ فَسَتَعْلَمُوْنَ مَنْ هُوَ فِیْ ضَلٰلٍ مُّبِیْنٍ ﴿۲۹﴾ قُلْ
اَرَءَیْتُمْ اِنْ اَصْبَحَ مَآؤُكُمْ غَوْرًا فَمَنْ یَّاْتِیْكُمْ بِمَآءٍ مَّعِیْنٍ ﴿۳۰﴾ ع

## سُوْرَةُ الْقَلَمِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ○

نٓ وَالْقَلَمِ وَمَا یَسْطُرُوْنَ ﴿۱﴾ لا مَاۤ اَنْتَ بِنِعْمَةِ رَبِّكَ
بِمَجْنُوْنٍ ﴿۲﴾ ج وَاِنَّ لَكَ لَاَجْرًا غَیْرَ مَمْنُوْنٍ ﴿۳﴾ ج وَاِنَّكَ
لَعَلٰی خُلُقٍ عَظِیْمٍ ﴿۴﴾ فَسَتُبْصِرُ وَیُبْصِرُوْنَ ﴿۵﴾ لا بِاَیِّكُمُ الْمَفْتُوْنُ ﴿۶﴾

چؤ تہ (الله) اُهو آهي جنهن اوهان کي پيدا ڪيو ۽ اوهان جا ڪن ۽ اکيون ۽ دليون بڻايون (اوهين) ٿورڙو احسان مڃيندا آهيو (٢٣). چؤ تہ (الله) اُهو آهي جنهن اوهان کي زمين ۾ پکيڙيو ۽ (اوهين) ڏانهنس گڏ ڪيا ويندؤ (٢٤). ۽ (ڪافر) چوندا آهن تہ اهو انجام ڪڏهن (پورو) ٿيندو، جيڪڏهن سچا آهيو (تہ ڏسيو) (٢٥). (اي پيغمبر ڪين) چؤ تہ (اُها) خبر رڳو الله وٽ آهي ۽ آءٌ رڳو پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان (٢٦). ۽ جنهن مهل اُن (انجام) کي ويجهو ٿيل ڏسندا (تنهن مهل) ڪافرن جا منهن ڪاراٽجي ويندا ۽ چئبن تہ جنهن کي طلبيندا هيؤ سو هيءُ آهي (٢٧). (اي پيغمبر! ڪين) چؤ تہ ڏسو اتوَ ڇا تہ جيڪڏهن مون کي ۽ جيڪي مون سان ساڻ آهن، تن کي الله هلاڪ ڪري يا الله اسان تي ٻاجھ ڪري تہ (هر صورت ۾) ڪافرن کي ڏکائيندڙ عذاب کان ڪير ڇڏائيندو؟ (٢٨). (اي پيغمبر! ڪين) چؤ تہ اُهو ٻاجهارو آهي، ان تي ايمان آندو سون ۽ مٿس ڀروسو ڪيو سون، پوءِ سگهوئي ڄاڻندؤ تہ پڌريءَ گمراهيءَ ۾ ڪير آهي (٢٩). (اي پيغمبر! ڪين) چؤ تہ ڏسو اتؤ ڇا تہ جيڪڏهن اوهان جو پاڻي هيٺ پيهي وڃي تہ اوهان وٽ وهندڙ (سنو) پاڻي ڪير آڻيندو؟ (٣٠).

سورة قلم مڪي آهي ۽ هن ۾ ٻاونجهاه
آيتون ۽ ٻہ رڪوع آهن.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

ن (عزت واري) قلم جو قسم آهي ۽ ان جو بہ جيڪي (ملائڪ) لکندا آهن (١). تہ (اي پيغمبر) تون پنهنجي پالڻهار جي فضل سان ڪو چريو نہ آهين (٢). ۽ بيشڪ تو لاءِ اڻ کٽ ثواب آهي (٣). ۽ بيشڪ تون وڏي (بلند) اخلاق تي آهين (٤). پوءِ (تون بہ) سگهوئي ڏسندين ۽ اُهي (ڪافر بہ) ڏسندا (٥). تہ اوهان مان ڪير چريو آهي؟ (٦).

إِنَّ رَبَّكَ هُوَ أَعْلَمُ بِمَنْ ضَلَّ عَنْ سَبِيلِهِ ۖ وَهُوَ أَعْلَمُ
بِالْمُهْتَدِينَ ﴿٧﴾ فَلَا تُطِعِ الْمُكَذِّبِينَ ﴿٨﴾ وَدُّوا لَوْ تُدْهِنُ
فَيُدْهِنُونَ ﴿٩﴾ وَلَا تُطِعْ كُلَّ حَلَّافٍ مَهِينٍ ﴿١٠﴾ هَمَّازٍ مَشَّاءٍ
بِنَمِيمٍ ﴿١١﴾ مَنَّاعٍ لِلْخَيْرِ مُعْتَدٍ أَثِيمٍ ﴿١٢﴾ عُتُلٍّ بَعْدَ ذَٰلِكَ زَنِيمٍ ﴿١٣﴾
أَنْ كَانَ ذَا مَالٍ وَبَنِينَ ﴿١٤﴾ إِذَا تُتْلَىٰ عَلَيْهِ آيَاتُنَا قَالَ
أَسَاطِيرُ الْأَوَّلِينَ ﴿١٥﴾ سَنَسِمُهُ عَلَى الْخُرْطُومِ ﴿١٦﴾ إِنَّا بَلَوْنَاهُمْ كَمَا
بَلَوْنَا أَصْحَابَ الْجَنَّةِ إِذْ أَقْسَمُوا لَيَصْرِمُنَّهَا مُصْبِحِينَ ﴿١٧﴾ وَلَا
يَسْتَثْنُونَ ﴿١٨﴾ فَطَافَ عَلَيْهَا طَائِفٌ مِنْ رَبِّكَ وَهُمْ نَائِمُونَ ﴿١٩﴾
فَأَصْبَحَتْ كَالصَّرِيمِ ﴿٢٠﴾ فَتَنَادَوْا مُصْبِحِينَ ﴿٢١﴾ أَنِ اغْدُوا عَلَىٰ
حَرْثِكُمْ إِنْ كُنْتُمْ صَارِمِينَ ﴿٢٢﴾ فَانْطَلَقُوا وَهُمْ يَتَخَافَتُونَ ﴿٢٣﴾
أَنْ لَا يَدْخُلَنَّهَا الْيَوْمَ عَلَيْكُمْ مِسْكِينٌ ﴿٢٤﴾ وَغَدَوْا عَلَىٰ حَرْدٍ
قَادِرِينَ ﴿٢٥﴾ فَلَمَّا رَأَوْهَا قَالُوا إِنَّا لَضَالُّونَ ﴿٢٦﴾ بَلْ نَحْنُ
مَحْرُومُونَ ﴿٢٧﴾ قَالَ أَوْسَطُهُمْ أَلَمْ أَقُلْ لَكُمْ لَوْلَا تُسَبِّحُونَ ﴿٢٨﴾
قَالُوا سُبْحَانَ رَبِّنَا إِنَّا كُنَّا ظَالِمِينَ ﴿٢٩﴾ فَأَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلَىٰ
بَعْضٍ يَتَلَاوَمُونَ ﴿٣٠﴾ قَالُوا يَا وَيْلَنَا إِنَّا كُنَّا طَاغِينَ ﴿٣١﴾

بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي اُنهيءَ کي تمام چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي، جيڪو سندس واٽ کان گمراهه ٿيو ۽ اُهو (ئي) سنئينءَ واٽ ويندڙ کي به تمام چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي (٧). تنهن ڪري (تون) ڪوڙ ڀائيندڙن جو چيو نه مڃ (٨). (اهي) گھرندا آهن ته جيڪڏهن (تون ساڻن ڪنهن طرح) نرمي ڪرين ته اُهي به (توسان) نرمي ڪن (٩). ۽ تون سڀڪنهن وڏي قسميءَ خوار (ذليل) جو چيو نه مڃ (١٠). (جو) طعنا هڻندڙ، چغلي ڪٽي هلندڙ (١١). خير کان جهليندڙ، حد کان لنگهيل، وڏو ڏوهي (١٢). بد عادتو ان (سڀني) کان پوءِ حرامي (به) هجي (١٣). انهيءَ ڪري جو مال ۽ اولاد وارو آهي (١٤). جڏهن وٽس اسان جون آيتون پڙهجن (تڏهن) چوي ته اڳين جون آکاڻيون آهن (١٥). سگھوئي کيس سونڍ (نڪ) تي ڏنب ڏينداسين (١٦). بيشڪ اسان هنن کي (اهڙيءَ طرح) ازمايو، جهڙيءَ طرح باغ وارن کي آزمايو هيوسون، جڏهن قسم کنيائون ته سويرو (ئي) ان (پوک) کي ضرور لڻندا (سين) (١٧). ۽ انشاءَ الله نه چيائون (١٨). پوءِ تنهنجي پالڻهار (جي پار) کان ان (باغ واري پوک) تي هڪ اهڙي بلا پلٽي ۽ اُهي (اجا) سمهيل ئي هئا (١٩). جو (اها) ناڙ وانگر ٿي پئي (٢٠). پوءِ سويرو هڪ ٻئي کي سڏڻ لڳا (٢١). ته جيڪڏهن اوهين لاباري ڪرڻ وارا آهيو ته پنهنجيءَ پوک تي سويرو هلو (٢٢). پوءِ (اُهي) هليا ۽ هڪ ٻئي کي هوريان چوڻ لڳا (٢٣). ته (جيئن) هن (پوک) ۾ اڄ اوهان وٽ ڪو مسڪين اندر اچي نه سگهي (٢٤). ۽ (پنهنجي گمان ۾) بخل (جي نيت) تي سگھارا ٿي سويرو پهتا (٢٥). پوءِ جنهن مهل ان (پوک) کي ڏٺائون (تنهن مهل) چيائون ته بيشڪ اسين (رستو) ڀليل آهيون (٢٦). (نه نه!) بلڪ اسين بي نصيب (ٿيل) آهيون (٢٧). سندن (چڱي) (مڙس) چيو ته اوهان کي نه چيو هوم ڇا ته الله جي پاڪائي ڇو نه ٿا بيان ڪريو؟ (٢٨). چيائون ته (اسين) پنهنجي پالڻهار جي پاڪائي بيان ٿا ڪريون، بيشڪ اسين (انهيءَ نيت ڪري) ظالم هئاسون (٢٩). پوءِ هڪ ٻئي کي ملامت ڪندڙ ٿي هڪڙن ٻين ڏانهن منهن ڪيو (٣٠). چوڻ لڳا ته اسان لاءِ ويل هجي (شال)! بيشڪ اسين حد کان لنگهيل هئاسون (٣١).

عَسٰى رَبُّنَآ اَنْ يُّبْدِلَنَا خَيْرًا مِّنْهَآ اِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا رٰغِبُوْنَ ﴿٣٢﴾
كَذٰلِكَ الْعَذَابُ ؕ وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَكْبَرُ ۘ لَوْ كَانُوْا
يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٣﴾ ع اِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿٣٤﴾
اَفَنَجْعَلُ الْمُسْلِمِيْنَ كَالْمُجْرِمِيْنَ ﴿٣٥﴾ ؕ مَا لَكُمْ ۟ كَيْفَ تَحْكُمُوْنَ ﴿٣٦﴾ ج
اَمْ لَكُمْ كِتٰبٌ فِيْهِ تَدْرُسُوْنَ ﴿٣٧﴾ لا اِنَّ لَكُمْ فِيْهِ لَمَا تَخَيَّرُوْنَ ﴿٣٨﴾ ج
اَمْ لَكُمْ اَيْمَانٌ عَلَيْنَا بَالِغَةٌ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ ۙ اِنَّ لَكُمْ
لَمَا تَحْكُمُوْنَ ﴿٣٩﴾ ج سَلْهُمْ اَيُّهُمْ بِذٰلِكَ زَعِيْمٌ ﴿٤٠﴾ ج اَمْ لَهُمْ شُرَكَآءُ ۚ
فَلْيَاْتُوْا بِشُرَكَآئِهِمْ اِنْ كَانُوْا صٰدِقِيْنَ ﴿٤١﴾ يَوْمَ يُكْشَفُ
عَنْ سَاقٍ وَّيُدْعَوْنَ اِلَى السُّجُوْدِ فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ﴿٤٢﴾ لا
خَاشِعَةً اَبْصَارُهُمْ تَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ ؕ وَقَدْ كَانُوْا يُدْعَوْنَ
اِلَى السُّجُوْدِ وَهُمْ سٰلِمُوْنَ ﴿٤٣﴾ فَذَرْنِيْ وَمَنْ يُّكَذِّبُ بِهٰذَا
الْحَدِيْثِ ؕ سَنَسْتَدْرِجُهُمْ مِّنْ حَيْثُ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٤٤﴾ لا وَاُمْلِيْ
لَهُمْ ؕ اِنَّ كَيْدِيْ مَتِيْنٌ ﴿٤٥﴾ اَمْ تَسْـَٔلُهُمْ اَجْرًا فَهُمْ مِّنْ مَّغْرَمٍ
مُّثْقَلُوْنَ ﴿٤٦﴾ ج اَمْ عِنْدَهُمُ الْغَيْبُ فَهُمْ يَكْتُبُوْنَ ﴿٤٧﴾ فَاصْبِرْ لِحُكْمِ
رَبِّكَ وَلَا تَكُنْ كَصَاحِبِ الْحُوْتِ ۘ اِذْ نَادٰى وَهُوَ مَكْظُوْمٌ ﴿٤٨﴾ ط

مَن اسان جو پالڻھار اسانکي ھن کان (وڏيڪ) ڀلو (ٻيو باغ) بدلو ڏئي، بيشڪ اسين پنھنجي پالڻھار ڏانھن اميد رکندڙ آھيون (٣٢). ائين ئي آفت (پوٽي) آھي ۽ بيشڪ آخرت جو عذاب تمام وڏو آھي، جيڪڏھن ڄاڻن ھا (تہ ائين ڪڏھن نہ ڪن ھا) (٣٣). بيشڪ پرھيزگارن لاءِ سندن پالڻھار وٽ نعمت جا باغ آھن (٣٤). مسلمانن کي گنھگارن جھڙو ڪنداسون ڇا؟ (٣٥). اوھان کي ڇا (ٿيو) آھي، ڪھڙو نھراءُ ٿا ڪريو؟ (٣٦). اوھان وٽ ڪو ڪتاب آھي ڇا جنھن ۾ (ھيءَ ڳالھ) پڙھندا آھيو؟ (٣٧). تہ بيشڪ جيڪي اوھين پسند ڪندا اھيو سو آخرت ۾ اوھان لاءِ ھوندو (٣٨). اوھان جا اسان جي ذمي (ھن ڳالھ جا) ڪي پڪا انجام ٿيل آھن ڇا؟ جو اھي قيامت تائين ھلندا تہ بيشڪ جيڪو حڪم ڪندؤ سو ئي اوھان کي ملندو (٣٩). (اي پيغمبر) مشرڪن کان پڇ تہ انھن مان ڪير ھن (ڳالھ) جو ذميوار آھي؟ (٤٠). انھن (مشرڪن) جا ڪي شريڪ آھن ڇا؟ جيڪڏھن سچا آھن تہ ڀل پنھنجن شريڪن کي (مدد لاءِ) آڻين (٤١). جنھن ڏينھن (قيامت ۾) پنيءَ جي تجلي ٿيندي ۽ انھن کي سجدي ڏانھن سڏبو پوءِ (سجدو) ڏيئي نہ سگھندا (٤٢). اُنھن جون اکيون جھڪيون ھونديون (۽) کين خواري وٺي ويندي ۽ بيشڪ انھن کي (دنيا ۾) سجدي ڏانھن سڏبو ھو، حالانڪ اُھي چڱا ڀلا (بہ) ھيا (٤٣). پوءِ (اي پيغمبر!) مون کي ۽ انھيءَ کي جو ھن (قرآن جي) ڳالھ کي ڪوڙ ڀائيندو آھي ڇڏي ڏي (اسين) انھن کي درجي بدرجي (اُتان دوزخ ۾) ڇڪينداسون، جتان اُھي نہ ڄاڻندا آھن (٤٤). ۽ انھن کي مھلت ڏيان ٿو، ڇو تہ منھنجي رٿ پڪي آھي (٤٥). (تون) انھن کان ڪو اجورو گھرندو آھين ڇا؟ جنھن ڪري (اُنھيءَ) چٽيءَ کان ڳوري بار آھن (٤٦). (يا) انھن وٽ ڪو ڳجھ (جو علم) آھي ڇا، جو اُھي لکندا آھن؟ (٤٧). پوءِ (تون) پنھنجي پالڻھار جي حڪم (اچڻ) تائين صبر ڪر ۽ مڇيءَ واري (يونس) وانگر نہ ھج، جڏھن دانھن ڪيائين ۽ اھو ڏک ۾ ڀرجي ويو ھو (٤٨).

لَوْلَآ اَنْ تَدٰرَكَهٗ نِعْمَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ لَنُبِذَ بِالْعَرَآءِ وَهُوَ مَذْمُوْمٌ ﴿٤٩﴾
فَاجْتَبٰهُ رَبُّهٗ فَجَعَلَهٗ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٥٠﴾ وَاِنْ يَّكَادُ الَّذِيْنَ
كَفَرُوْا لَيُزْلِقُوْنَكَ بِاَبْصَارِهِمْ لَمَّا سَمِعُوا الذِّكْرَ وَيَقُوْلُوْنَ اِنَّهٗ
لَمَجْنُوْنٌ ﴿٥١﴾ وَمَا هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿٥٢﴾

## سُوْرَةُ الْحَاقَّةِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْحَآقَّةُ ﴿١﴾ مَا الْحَآقَّةُ ﴿٢﴾ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الْحَآقَّةُ ﴿٣﴾
كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ وَعَادٌ بِالْقَارِعَةِ ﴿٤﴾ فَاَمَّا ثَمُوْدُ فَاُهْلِكُوْا
بِالطَّاغِيَةِ ﴿٥﴾ وَاَمَّا عَادٌ فَاُهْلِكُوْا بِرِيْحٍ صَرْصَرٍ عَاتِيَةٍ ﴿٦﴾
سَخَّرَهَا عَلَيْهِمْ سَبْعَ لَيَالٍ وَّثَمٰنِيَةَ اَيَّامٍ حُسُوْمًا
فَتَرَى الْقَوْمَ فِيْهَا صَرْعٰى كَاَنَّهُمْ اَعْجَازُ نَخْلٍ خَاوِيَةٍ ﴿٧﴾
فَهَلْ تَرٰى لَهُمْ مِّنْ بَاقِيَةٍ ﴿٨﴾ وَجَآءَ فِرْعَوْنُ وَمَنْ قَبْلَهٗ
وَالْمُؤْتَفِكٰتُ بِالْخَاطِئَةِ ﴿٩﴾ فَعَصَوْا رَسُوْلَ رَبِّهِمْ
فَاَخَذَهُمْ اَخْذَةً رَّابِيَةً ﴿١٠﴾ اِنَّا لَمَّا طَغَا الْمَآءُ حَمَلْنٰكُمْ
فِى الْجَارِيَةِ ﴿١١﴾ لِنَجْعَلَهَا لَكُمْ تَذْكِرَةً وَّتَعِيَهَآ اُذُنٌ وَّاعِيَةٌ ﴿١٢﴾

(تذهن) جيڪڏهن ڪيس سندس پالڻهار جي طرفان رحمت نہ پهچي ها تہ ضرور رج ۾ اڇليو وڃي ها ۽ اُهو بڇڙي حال هجي ها (٤٩). پوءِ سندس پالڻهار کيس نوازيو ۽ صالحن مان ڪيائينس (٥٠). ۽ بيشڪ ڪافر جڏهن قرآن ٻڌندا آهن (تڏهن) توکي پنهنجن (تکين) اکين سان تيزڻ تي هوندا آهن ۽ چوندا آهن تہ بيشڪ هيءُ (پيغمبر) چريو آهي (٥١). ۽ (حقيقت ۾) هيءُ (قرآن) تہ جهانن لاءِ نصيحت آهي (٥٢).

## سورة الحاقة مکي آهي ۽ هن ۾ ٻاونجاه آيتون ۽ ٻہ رڪوع آهن.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

قيامت (١). ڇا آهي (اُها) قيامت؟ (٢). ۽ ڪهڙي شيءِ توکي ڄاڻايو تہ قيامت ڇا آهي (٣). ثمود ۽ عاد (قوم) قيامت کي ڪوڙ ڄاتو (٤). پر پوءِ ثمود (قوم) سي تہ هڪ سخت رڙ سان ناس ڪيا ويا (٥). ۽ باقي (قوم) عاد! سي هڪ بيحد ٿڌي تيز واءُ سان ناس ڪيا ويا (٦). (الله) اُن (واءُ) کي ست راتيون ۽ اٺ ڏينهن لڳو لڳ مٿن ڪڙو ڪيو، پوءِ (اي ڏسندڙ! اُن) قوم کي اُن (زمين) ۾ پيل ڏٺيءِ ٿي ڄڻ تہ اهي ڪريل کجيءَ جا (پٽا) ٿڙ آهن (٧). پوءِ انهن کي ڪجهہ بچيل ڏسين ٿو ڇا؟ (٨). ۽ فرعون ۽ جيڪي ان کان اڳ هئا ۽ ناس ڪيل شهرن وارا (ٻہ) گناهہ (جا ڪم) ڪري آيا (٩). ۽ پنهنجي پالڻهار جي نافرماني ڪيائون، تنهن ڪري (الله) وڏيءَ پڪڙ سان کين پڪڙيو (١٠). بيشڪ جڏهن پاڻي حد کان لنگهي ويو (تڏهن) اسان اوهان کي هلندڙ ٻيڙيءَ ۾ چاڙهيو (١١). هن ڪري تہ ان (ڳالهہ) کي اوهان لاءِ يادگيري ڪريون ۽ ان کي ڪو ياد رکڻ وارو ڪن ياد رکي (١٢).

فَاِذَا نُفِخَ فِی الصُّوْرِ نَفْخَةٌ وَّاحِدَةٌ ﴿١٣﴾ وَّحُمِلَتِ الْاَرْضُ وَ

الْجِبَالُ فَدُكَّتَا دَكَّةً وَّاحِدَةً ﴿١٤﴾ فَیَوْمَىٕذٍ وَّقَعَتِ الْوَاقِعَةُ ﴿١٥﴾

وَانْشَقَّتِ السَّمَآءُ فَهِیَ یَوْمَىٕذٍ وَّاهِیَةٌ ﴿١٦﴾ وَّالْمَلَكُ عَلٰۤی اَرْجَآىٕهَا

وَیَحْمِلُ عَرْشَ رَبِّكَ فَوْقَهُمْ یَوْمَىٕذٍ ثَمٰنِیَةٌ ﴿١٧﴾ یَوْمَىٕذٍ

تُعْرَضُوْنَ لَا تَخْفٰی مِنْكُمْ خَافِیَةٌ ﴿١٨﴾ فَاَمَّا مَنْ اُوْتِیَ

كِتٰبَهٗ بِیَمِیْنِهٖ فَیَقُوْلُ هَآؤُمُ اقْرَءُوْا كِتٰبِیَهْ ﴿١٩﴾ اِنِّیْ

ظَنَنْتُ اَنِّیْ مُلٰقٍ حِسَابِیَهْ ﴿٢٠﴾ فَهُوَ فِیْ عِیْشَةٍ رَّاضِیَةٍ ﴿٢١﴾

فِیْ جَنَّةٍ عَالِیَةٍ ﴿٢٢﴾ قُطُوْفُهَا دَانِیَةٌ ﴿٢٣﴾ كُلُوْا وَاشْرَبُوْا

هَنِیْٓـًٔۢا بِمَاۤ اَسْلَفْتُمْ فِی الْاَیَّامِ الْخَالِیَةِ ﴿٢٤﴾ وَ اَمَّا مَنْ

اُوْتِیَ كِتٰبَهٗ بِشِمَالِهٖ ۙ۬ فَیَقُوْلُ یٰلَیْتَنِیْ لَمْ اُوْتَ كِتٰبِیَهْ ﴿٢٥﴾

وَلَمْ اَدْرِ مَا حِسَابِیَهْ ﴿٢٦﴾ یٰلَیْتَهَا كَانَتِ الْقَاضِیَةَ ﴿٢٧﴾ مَاۤ

اَغْنٰی عَنِّیْ مَالِیَهْ ﴿٢٨﴾ هَلَكَ عَنِّیْ سُلْطٰنِیَهْ ﴿٢٩﴾ خُذُوْهُ

فَغُلُّوْهُ ﴿٣٠﴾ ثُمَّ الْجَحِیْمَ صَلُّوْهُ ﴿٣١﴾ ثُمَّ فِیْ سِلْسِلَةٍ ذَرْعُهَا

سَبْعُوْنَ ذِرَاعًا فَاسْلُكُوْهُ ﴿٣٢﴾ اِنَّهٗ كَانَ لَا یُؤْمِنُ

بِاللّٰهِ الْعَظِیْمِ ﴿٣٣﴾ وَلَا یَحُضُّ عَلٰی طَعَامِ الْمِسْكِیْنِ ﴿٣٤﴾

پوءِ جڏهن صور ۾ هڪڙي ڦوڪ ڦوڪبي (١٣). ۽ زمين ۽ جبل (پنهنجيءَ جاءِ تان) کنيا ويندا، پوءِ هڪ ڀيرو انهن کي ڪُٽي سنهو ڪيو ويندو (١۴). پوءِ ان ڏينهن قيامت قائم ٿيندي (١٥). ۽ آسمان ڦاٽندو، پوءِ اُهو اُن ڏينهن ڪمزور ٿيل هوندو (١٦). ۽ ملائڪ آسمان جي ڪنارن تي هوندا ۽ تنهنجي پالڻهار جو تخت اُن ڏينهن اَٺ ملائڪ پنهنجي مٿان کڻندا (١٧). اُن ڏينهن اوهان کي (الله جي) آڏو ڪبو اوهان (جي حال) جي ڪا ڳجهي ڳالهہ لڪي نہ رهندي (١٨). پوءِ جنهن کي سندس اعمالنامو سندس سڄي هٿ ۾ ڏنو ويو سو چوندو تہ وٺو منهنجو اعمال نامو پڙهو (١٩). بيشڪ مون يقين رکيو هو تہ آءٌ پنهنجي حساب کي پهچندس (٢٠). پوءِ اهو ڀلي زندگي ۾ هوندو (٢١). مٿاهين بهشت ۾ (٢٢). جنهنجا ميوا (پهچڻ کي) ويجها هوندا (٢٣). (چئبن تہ) ڌؤ ڪري کائو ۽ پيئو، انهيءَ سبب ڪري جو گذريل ڏينهن ۾ (نيڪ عمل) اڳي موڪليو هيوَ (٢۴). ۽ جنهن کي سندس اعمالنامو سندس کٻي هٿ ۾ ڏنو ويو سو چوندو هاءِ اَرمان! جيڪر منهنجو اعمالنامو مون کي نہ ملي ها (٢٥).۽ (هاءِ ارمان جيڪر) نہ ڄاڻان ها تہ منهنجو حساب ڇا آهي؟ (٢٦). هاءِ ارمان جيڪر موت نبيرينڙ هجي ها! (٢٧). منهنجي مال مون کي (ڪو) فائدو نہ ڏنو! (٢٨). مون کان منهنجي بادشاهي ڇڏ ٿي! (٢٩). (ملائڪن کي چئبو تہ اي ملائڪؤ) پڪڙيوس پوءِ ڳچيءَ ۾ ڳٽ ٻڌوس (٣٠). وري دوزخ ۾ وجهوس (٣١). وري اهڙي زنجير ۾ قابو ڪريوس جنهن جي ڊيگهہ ستر گز هجي (٣٢). ڇو تہ اُهو (ماڻهو) الله کي نہ مڃيندو هو، جو (سڀ کان) وڏو آهي (٣٣). ۽ نڪي (ماڻهن کي) مسڪين جي کارائڻ تي تاڪيد ڪندو هو (٣۴).

فَلَيْسَ لَهُ الْيَوْمَ هٰهُنَا حَمِيْمٌ ﴿٣٥﴾ وَّلَا طَعَامٌ اِلَّا مِنْ
غِسْلِيْنٍ ﴿٣٦﴾ لَّا يَاْكُلُهٗٓ اِلَّا الْخٰطِـُٔوْنَ ﴿٣٧﴾ فَلَآ اُقْسِمُ بِمَا
تُبْصِرُوْنَ ﴿٣٨﴾ وَمَا لَا تُبْصِرُوْنَ ﴿٣٩﴾ اِنَّهٗ لَقَوْلُ رَسُوْلٍ
كَرِيْمٍ ﴿٤٠﴾ وَّمَا هُوَ بِقَوْلِ شَاعِرٍ قَلِيْلًا مَّا تُؤْمِنُوْنَ ﴿٤١﴾
وَلَا بِقَوْلِ كَاهِنٍ قَلِيْلًا مَّا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٢﴾ تَنْزِيْلٌ مِّنْ
رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٣﴾ وَلَوْ تَقَوَّلَ عَلَيْنَا بَعْضَ الْاَقَاوِيْلِ ﴿٤٤﴾
لَاَخَذْنَا مِنْهُ بِالْيَمِيْنِ ﴿٤٥﴾ ثُمَّ لَقَطَعْنَا مِنْهُ الْوَتِيْنَ ﴿٤٦﴾ فَمَا
مِنْكُمْ مِّنْ اَحَدٍ عَنْهُ حٰجِزِيْنَ ﴿٤٧﴾ وَاِنَّهٗ لَتَذْكِرَةٌ لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٤٨﴾
وَاِنَّا لَنَعْلَمُ اَنَّ مِنْكُمْ مُّكَذِّبِيْنَ ﴿٤٩﴾ وَاِنَّهٗ لَحَسْرَةٌ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٥٠﴾
وَاِنَّهٗ لَحَقُّ الْيَقِيْنِ ﴿٥١﴾ فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ ﴿٥٢﴾

## سُوْرَةُ الْمَعَارِجِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ
سَاَلَ سَآئِلٌۢ بِعَذَابٍ وَّاقِعٍ ﴿١﴾ لِّلْكٰفِرِيْنَ لَيْسَ
لَهٗ دَافِعٌ ﴿٢﴾ مِّنَ اللّٰهِ ذِى الْمَعَارِجِ ﴿٣﴾ تَعْرُجُ الْمَلٰٓئِكَةُ وَ
الرُّوْحُ اِلَيْهِ فِىْ يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهٗ خَمْسِيْنَ اَلْفَ سَنَةٍ ﴿٤﴾

تنهن ڪري ان جو اڄ هت ڪو دوست ڪونهي (٣٥). ۽ نڪي ان جو ڦٽن جي روڳ کان سواءِ (ٻيو) ڪو کاڌو آهي (٣٦). (جو) ڏوهارين کان سواءِ (ٻيو) ڪو ان کي نہ کائيندو (٣٧). پوءِ جيڪي ڏسو ٿا، تنهن جو قسم کڻان ٿو (٣٨). ۽ جيڪي نہ ٿا ڏسو تنهن جو (بہ) (٣٩). تہ بيشڪ هيءُ (قرآن) هڪ سڳوري قاصد جو سنيهو آهي (٤٠). ۽ اُهو ڪنهن شاعر جو ڪلام نہ آهي، (اوهين) گهٽ يقين ٿا رکو (٤١). ۽ نڪي ڪنهن (اڳڪٿي ڪندڙ) ٻوڙي جو ڪلام آهي، گهٽ نصيحت وٺو ٿا (٤٢). (هيءَ) جهانن جي پالڻهار کان نازل ٿيل آهي (٤٣). ۽ جيڪڏهن (پيغمبر) اسان تي ڪي ڳالهيون (پاڻ) گهڙي ها (٤٤). تہ ضرور سڄي هٿ کان کيس پڪڙيون ها (٤٥). وري سندس دل جي رڳ وڍي ڇڏيون ها (٤٦). پوءِ اوهان مان ڪو هڪڙو (اسان جي عذاب کي) کانئس جهلڻ وارو نہ آهي (٤٧). ۽ بيشڪ هيءُ (قرآن) پرهيزگارن لاءِ نصيحت آهي (٤٨). ۽ بيشڪ اسين ڄاڻون ٿا تہ ڪي اوهان مان ڪوڙ ڀائيندڙ آهن (٤٩). ۽ بيشڪ هيءُ (قرآن) ڪافرن لاءِ ارمان (جو سبب) آهي (٥٠). ۽ بيشڪ هيءُ (قرآن) پورو سچو آهي (٥١). تنهنڪري (تون) پنهنجي (سڀ کان) وڏي پالڻهار جي نالي کي پاڪائيءَ سان ياد ڪر (٥٢).

**سورة المعارج مڪي آهي ۽ هن ۾ چوئيتاليھ آيتون ۽ ٻہ رڪوع آهن.**

**الله ٻاجهاري جي نالي سان (شروع)**

هڪ سوال ڪندڙ پوندڙ عذاب جو سوال ڪيو (١). ڪافرن تي جنهن کي ڪو هٽائڻ وارو نہ آهي (٢). جو وڏن مرتبن (ڏيڻ) واري الله جي طرف کان (پوندڙ) آهي (٣). جنهن ڏينهن جي ڊيگھ پنجاھ هزار ورھ آهي، تنهن ۾ ملائڪ ۽ جبرئيل الله ڏانهن (ڪافرن تي عذاب لاهڻ لاءِ) چڙهندا (٤).

فَاصْبِرْ صَبْرًا جَمِيْلًا ﴿٥﴾ اِنَّهُمْ يَرَوْنَهٗ بَعِيْدًا ﴿٦﴾ وَّنَرٰىهُ
قَرِيْبًا ﴿٧﴾ يَوْمَ تَكُوْنُ السَّمَآءُ كَالْمُهْلِ ﴿٨﴾ وَتَكُوْنُ الْجِبَالُ
كَالْعِهْنِ ﴿٩﴾ وَلَا يَسْئَلُ حَمِيْمٌ حَمِيْمًا ﴿١٠﴾ يُّبَصَّرُوْنَهُمْ يَوَدُّ
الْمُجْرِمُ لَوْ يَفْتَدِيْ مِنْ عَذَابِ يَوْمِئِذٍ بِبَنِيْهِ ﴿١١﴾ وَ
صَاحِبَتِهٖ وَاَخِيْهِ ﴿١٢﴾ وَفَصِيْلَتِهِ الَّتِيْ تُـْٔوِيْهِ ﴿١٣﴾ وَمَنْ فِي
الْاَرْضِ جَمِيْعًا ثُمَّ يُنْجِيْهِ ﴿١٤﴾ كَلَّا اِنَّهَا لَظٰى ﴿١٥﴾ نَزَّاعَةً
لِّلشَّوٰى ﴿١٦﴾ تَدْعُوْا مَنْ اَدْبَرَ وَتَوَلّٰى ﴿١٧﴾ وَجَمَعَ فَاَوْعٰى ﴿١٨﴾ اِنَّ
الْاِنْسَانَ خُلِقَ هَلُوْعًا ﴿١٩﴾ اِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ جَزُوْعًا ﴿٢٠﴾ وَّاِذَا مَسَّهُ
الْخَيْرُ مَنُوْعًا ﴿٢١﴾ اِلَّا الْمُصَلِّيْنَ ﴿٢٢﴾ الَّذِيْنَ هُمْ عَلٰى صَلَاتِهِمْ
دَآئِمُوْنَ ﴿٢٣﴾ وَالَّذِيْنَ فِيْٓ اَمْوَالِهِمْ حَقٌّ مَّعْلُوْمٌ ﴿٢٤﴾
لِّلسَّآئِلِ وَالْمَحْرُوْمِ ﴿٢٥﴾ وَالَّذِيْنَ يُصَدِّقُوْنَ بِيَوْمِ الدِّيْنِ ﴿٢٦﴾
وَالَّذِيْنَ هُمْ مِّنْ عَذَابِ رَبِّهِمْ مُّشْفِقُوْنَ ﴿٢٧﴾ اِنَّ عَذَابَ
رَبِّهِمْ غَيْرُ مَاْمُوْنٍ ﴿٢٨﴾ وَالَّذِيْنَ هُمْ لِفُرُوْجِهِمْ حٰفِظُوْنَ ﴿٢٩﴾
اِلَّا عَلٰٓى اَزْوَاجِهِمْ اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ فَاِنَّهُمْ غَيْرُ
مَلُوْمِيْنَ ﴿٣٠﴾ فَمَنِ ابْتَغٰى وَرَآءَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْعٰدُوْنَ ﴿٣١﴾

تنهن ڪري تون چڱو صبر ڪر (٥). چو تہ ڪافر اُنهيءَ (ڏينهن) کي پري ڏسن ٿا (٦). ۽ (اسين) اُن کي ويجهو ٿا ڏسون (٧). جنهن ڏينهن آسمان پگهريل ٽامي وانگر ٿيندو (٨). ۽ جبل پڃيل اُن وانگر ٿيندا (٩). ۽ ڪو ويجهو (مائٽ) ڪنهن ٻئي ويجهي (مائٽ) کان نہ پڇندو (١٠). (توڙي جو) اُهي اُنهن کي ڏسڻ ۾ ايندا. گنهگار گهرندو تہ جيڪر ان ڏينهن جي عذاب جي بدران پنهنجا (پيارا) پٽ بدلو ڏئي (١١). ۽ پنهنجي زال ۽ پنهنجو ڀاءُ (بہ) (١٢). ۽ پنهنجو اُهو سارو قبيلو (بہ) جنهن کيس (دنيا ۾) ٽڪايو ٿي (١٣). ۽ اُهو (بہ) جيڪي سڀيئي (سامان) زمين ۾ آهي پوءِ سندس اُهو (بدلو ڏيڻ) ڇڏائيس (١٤). ائين نہ آهي. بيشڪ اِهو (دوزخ) هڪ (اُلانبن هڻڻ واري) باھ آهي (١٥). (مٿي جي) کَلَ کي ڇڪيندڙ آهي (١٦). جيڪو (الله کان) پٺيرو ٿيو ۽ منهن موڙيائين تنهن کي (اُها) سڏي ٿي (١٧). ۽ (مال) گڏ ڪيائين پوءِ سانيائين (١٨). بيشڪ انسان حرص وارو پيدا ٿيل آهي (١٩). جڏهن (ڪو) ڏک پهچندو اٿس (تڏهن) دانهون ڪندو آهي (٢٠). ۽ جڏهن ڪو سک پهچندو اٿس (تڏهن) ڪنجوس ٿيندو آهي (٢١). پر (اُهي) نمازي (نہ) (٢٢). جيڪي پنهنجيءَ نماز تي هميشگي ڪندا آهن (٢٣). ۽ اُهي (بہ) جن جي مالن ۾ (الله جو) حصو مقرر ٿيل آهي (٢٤). گهرندڙ ۽ نہ گهرندڙ محتاج لاءِ (٢٥). ۽ اُهي جيڪي قيامت جي ڏينهن جو يقين رکندا آهن (٢٦). ۽ اُهي جيڪي پنهنجي پالڻهار جي عذاب کان ڊڄڻ وارا آهن (٢٧). بيشڪ سندن پالڻهار جو عذاب (اهڙو آهي) جنهن کان بچي نہ سگهبو (٢٨). ۽ اُهي جيڪي پنهنجن اوگهڙن جي حفاظت ڪرڻ وارا آهن (٢٩). پنهنجن زالن يا پنهنجن ٻانهين کان سواءِ (ٻين لاءِ) جو (اُنهن ڏانهن وڃڻ ۾) اُهي ملامت وارا نہ آهن (٣٠). پوءِ جيڪي ان کان سواءِ (ٻي ڳالھ) طلبيندا سي ئي حد کان لنگهڻ وارا آهن (٣١).

وَالَّذِیْنَ هُمْ لِاَمٰنٰتِهِمْ وَعَهْدِهِمْ رٰعُوْنَ ﴿۳۲﴾ وَالَّذِیْنَ هُمْ
بِشَهٰدٰتِهِمْ قَآئِمُوْنَ ﴿۳۳﴾ وَالَّذِیْنَ هُمْ عَلٰی صَلَاتِهِمْ
یُحَافِظُوْنَ ﴿۳۴﴾ اُولٰٓئِكَ فِیْ جَنّٰتٍ مُّكْرَمُوْنَ ﴿۳۵﴾ فَمَالِ الَّذِیْنَ
كَفَرُوْا قِبَلَكَ مُهْطِعِیْنَ ﴿۳۶﴾ عَنِ الْیَمِیْنِ وَعَنِ الشِّمَالِ
عِزِیْنَ ﴿۳۷﴾ اَیَطْمَعُ كُلُّ امْرِیٍٔ مِّنْهُمْ اَنْ یُّدْخَلَ جَنَّةَ
نَعِیْمٍ ﴿۳۸﴾ كَلَّا ؕ اِنَّا خَلَقْنٰهُمْ مِّمَّا یَعْلَمُوْنَ ﴿۳۹﴾ فَلَآ اُقْسِمُ
بِرَبِّ الْمَشٰرِقِ وَالْمَغٰرِبِ اِنَّا لَقٰدِرُوْنَ ﴿۴۰﴾ عَلٰۤی اَنْ نُّبَدِّلَ
خَیْرًا مِّنْهُمْ ۙ وَمَا نَحْنُ بِمَسْبُوْقِیْنَ ﴿۴۱﴾ فَذَرْهُمْ یَخُوْضُوْا
وَیَلْعَبُوْا حَتّٰی یُلٰقُوْا یَوْمَهُمُ الَّذِیْ یُوْعَدُوْنَ ﴿۴۲﴾ یَوْمَ یَخْرُجُوْنَ
مِنَ الْاَجْدَاثِ سِرَاعًا كَاَنَّهُمْ اِلٰی نُصُبٍ یُّوْفِضُوْنَ ﴿۴۳﴾ خَاشِعَةً
اَبْصَارُهُمْ تَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ ؕ ذٰلِكَ الْیَوْمُ الَّذِیْ كَانُوْا یُوْعَدُوْنَ ﴿۴۴﴾

## سُوْرَةُ نُوْحٍ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

اِنَّآ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰی قَوْمِهٖۤ اَنْ اَنْذِرْ قَوْمَكَ مِنْ قَبْلِ اَنْ
یَّاْتِیَهُمْ عَذَابٌ اَلِیْمٌ ﴿۱﴾ قَالَ یٰقَوْمِ اِنِّیْ لَكُمْ نَذِیْرٌ مُّبِیْنٌ ﴿۲﴾

۽ اُهي جيڪي پنهنجن امانتن کي ۽ پنهنجن انجامن کي پوري ڪرڻ وارا آهن (٣٢). ۽ اُهي جيڪي پنهنجين شاهدين تي قائم آهن (٣٣). ۽ اُهي جيڪي پنهنجيءَ نماز جي سنڀال ڪندڙ آهن (٣٤). اِهي (بهشت جي) باغن ۾ عزت سان رهندا (٣٥). پوءِ ڪافرن کي ڇا (ٿيو) آهي جو تو ڏانهن ڪنڌ کڻي ڊوڙندڙ آهن؟ (٣٦). سڄي پاسي کان ۽ کٻي پاسي کان ٽوليون ٽوليون ٿي (٣٧). منجهائن سڀڪو شخص نعمت واري بهشت جي گهڙڻ جي طمع ڪري ٿو ڇا؟ (٣٨). ائين نہ آهي، بيشڪ اسان انهن کي اُنهيءَ شيءِ مان پيدا ڪيو آهي، جنهن جي خبر اٿن (٣٩). پوءِ اڀرندن ۽ اُلهندن جي پالڻهار جو قسم کڻان ٿو تہ بيشڪ اسين وس وارا آهيون (٤٠). هن (ڳالهہ) تي جو اُنهن کان چڱا (ٻيا) مٽائي آڻيون ۽ اسين ڪي عاجز ٿيڻ وارا نہ آهيون (٤١). پوءِ (اي پيغمبر) اُنهن کي (ايسين) ناحق ڳالهائيندو ۽ راند ڪندو ڇڏي ڏي جيسين اُهي پنهنجو اُهو ڏينهن ڏسن جنهن جو کين انجام ڏجي ٿو (٤٢). جنهن ڏينهن قبرن مان ڊوڙندا نڪرندا جڻ تہ اُهي ڪنهن جهنڊي ڏانهن ڊڪن ٿا (٤٣). (اُن وقت) سندن اکيون جهڪيون هونديون، انهن کي خواري وتي ويندي، اِهو اُهو ڏينهن آهي، جنهن جو کين انجام ڏنو ٿي ويو (٤٤).

**سورة نوح مڪي آهي ۽ هن ۾ اٺاويهہ**
**آيتون ۽ ٻہ رڪوع آهن.**

**الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)**

بيشڪ اسان نوح کي سندس قوم ڏانهن موڪليو تہ پنهنجي قوم کي، انهن وٽ ڏکوئيندڙ عذاب جي پهچڻ کان اڳ ڊيڄار (١). چيائين تہ اي منهنجي قوم! بيشڪ آءٌ اوهان جو پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان (٢).

اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ وَاتَّقُوْهُ وَاَطِيْعُوْنِ ۙ﴿٣﴾ يَغْفِرْ لَكُمْ مِّنْ
ذُنُوْبِكُمْ وَيُؤَخِّرْكُمْ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ اِنَّ اَجَلَ اللّٰهِ
اِذَا جَآءَ لَا يُؤَخَّرُ ۘ لَوْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٤﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّىْ
دَعَوْتُ قَوْمِىْ لَيْلًا وَّنَهَارًا ۙ﴿٥﴾ فَلَمْ يَزِدْهُمْ دُعَآءِىْٓ اِلَّا
فِرَارًا ﴿٦﴾ وَاِنِّىْ كُلَّمَا دَعَوْتُهُمْ لِتَغْفِرَ لَهُمْ جَعَلُوْٓا اَصَابِعَهُمْ
فِىْٓ اٰذَانِهِمْ وَاسْتَغْشَوْا ثِيَابَهُمْ وَاَصَرُّوْا وَاسْتَكْبَرُوا
اسْتِكْبَارًا ۚ﴿٧﴾ ثُمَّ اِنِّىْ دَعَوْتُهُمْ جِهَارًا ۙ﴿٨﴾ ثُمَّ اِنِّىْٓ اَعْلَنْتُ
لَهُمْ وَاَسْرَرْتُ لَهُمْ اِسْرَارًا ۙ﴿٩﴾ فَقُلْتُ اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ؕ
اِنَّهٗ كَانَ غَفَّارًا ۙ﴿١٠﴾ يُّرْسِلِ السَّمَآءَ عَلَيْكُمْ مِّدْرَارًا ۙ﴿١١﴾
وَّيُمْدِدْكُمْ بِاَمْوَالٍ وَّبَنِيْنَ وَيَجْعَلْ لَّكُمْ جَنّٰتٍ
وَّيَجْعَلْ لَّكُمْ اَنْهٰرًا ؕ﴿١٢﴾ مَا لَكُمْ لَا تَرْجُوْنَ لِلّٰهِ وَقَارًا ۚ﴿١٣﴾
وَقَدْ خَلَقَكُمْ اَطْوَارًا ﴿١٤﴾ اَلَمْ تَرَوْا كَيْفَ خَلَقَ اللّٰهُ
سَبْعَ سَمٰوٰتٍ طِبَاقًا ۙ﴿١٥﴾ وَّجَعَلَ الْقَمَرَ فِيْهِنَّ نُوْرًا
وَّجَعَلَ الشَّمْسَ سِرَاجًا ﴿١٦﴾ وَاللّٰهُ اَنْۢبَتَكُمْ مِّنَ
الْاَرْضِ نَبَاتًا ۙ﴿١٧﴾ ثُمَّ يُعِيْدُكُمْ فِيْهَا وَيُخْرِجُكُمْ اِخْرَاجًا ﴿١٨﴾

(۽ چوانوَ ٿو) ته الله جي عبادت ڪريو ۽ ڪانئس ڊڄو ۽ (ان ڳالھ ۾) منھنجو چيو مڃيو (٣). ته اوھان جا گناھ اوھان کي بخشي ۽ اوھان کي ٺھرايل وقت تائين ڍر ڏئي، ڇو ته جڏھن الله جو ٺھرايل وقت ايندو، (تڏھن) ان کي ڍر نه ڏبي، جيڪڏھن ڄاڻندا آھيو (ته اِن ڳالھ کي ياد رکو) (٤). (نوح) چيو ته اي منھنجا پالڻھار! بيشڪ آءٌ پنھنجي قوم کي رات ۽ ڏينھن سڏيندو رھيس (٥). پوءِ منھنجي سڏڻ سندن حق ۾ ڀڄڻ کان سواءِ (ٻيو) ڪي نه وڌايو (٦). ۽ بيشڪ مون جڏھن به انھن کي سڏيو ته (اُھي توبھ ڪن ۽ تون) انھن کي بخشين (تڏھن) پنھنجيون آڱريون پنھنجن ڪنن ۾ وڌائون ۽ پنھنجا ڪپڙا (پاڻ تي) ويڙھيائون ۽ (ڪفر تي) قائم رھيا ۽ تمام گھڻو ھٺ ڪيائون (٧). وري بيشڪ مون انھن کي ڏاڍيان سڏيو (٨). وري بيشڪ مون انھن کي ظاھر ظھور چيو ۽ انھن کي ڳجھيءَ طرح (به) چيم (٩). پوءِ چيم ته پنھنجي پالڻھار کان بخشش گھرو، ڇو ته اھو بخشڻھار آھي (١٠). ته گھڻو وسندڙ مينھن اوھان تي لڳو لڳ وسائي (١١). ۽ اوھان کي مال ۽ پٽ گھڻا ڏئي ۽ اوھان کي باغ ڏئي ۽ اوھان کي نھرون بڻائي ڏئي (١٢). اوھان کي ڇا (ٿيو) آھي، جو الله جي وڏائيءَ جو ويساھ نه ٿا رکو؟ (١٣). حالانڪ اوھان کي مختلف مرحلن ۾ خلقيائين (١٤). نه ڏسندا آھيو ڇا ته الله ڪيئن ستن آسمانن کي طبقا طبقا بڻايو؟ (١٥). ۽ انھن ۾ چنڊ کي روشن ڪيائين ۽ سج کي (چمڪندڙ) ڏيئو ڪيائين (١٦). ۽ الله اوھان کي زمين منجھان ھڪڙي چمائڻ طرح ڄمايو (١٧). وري اوھان کي زمين ۾ موٽائي نيندو ۽ ھڪڙي (ٻاھر) ڪڍڻ طرح اوھان کي (ٻاھر) ڪڍندو (١٨).

وَاللّٰهُ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ بِسَاطًا ۝١٩ لِّتَسْلُكُوْا مِنْهَا سُبُلًا
فِجَاجًا ۝٢٠ قَالَ نُوْحٌ رَّبِّ اِنَّهُمْ عَصَوْنِيْ وَاتَّبَعُوْا مَنْ لَّمْ
يَزِدْهُ مَالُهٗ وَوَلَدُهٗٓ اِلَّا خَسَارًا ۝٢١ وَمَكَرُوْا مَكْرًا كُبَّارًا ۝٢٢ وَ
قَالُوْا لَا تَذَرُنَّ اٰلِهَتَكُمْ وَلَا تَذَرُنَّ وَدًّا وَّلَا سُوَاعًا ۙ وَّ
لَا يَغُوْثَ وَيَعُوْقَ وَنَسْرًا ۝٢٣ وَقَدْ اَضَلُّوْا كَثِيْرًا ۚ وَلَا
تَزِدِ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا ضَلٰلًا ۝٢٤ مِمَّا خَطِيْٓـٰٔتِهِمْ اُغْرِقُوْا فَاُدْخِلُوْا
نَارًا ۙ فَلَمْ يَجِدُوْا لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَنْصَارًا ۝٢٥ وَ
قَالَ نُوْحٌ رَّبِّ لَا تَذَرْ عَلَى الْاَرْضِ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ دَيَّارًا ۝٢٦
اِنَّكَ اِنْ تَذَرْهُمْ يُضِلُّوْا عِبَادَكَ وَلَا يَلِدُوْٓا اِلَّا فَاجِرًا
كَفَّارًا ۝٢٧ رَبِّ اغْفِرْ لِيْ وَلِوَالِدَيَّ وَلِمَنْ دَخَلَ بَيْتِيَ
مُؤْمِنًا وَّلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ ۭ وَلَا تَزِدِ الظّٰلِمِيْنَ
اِلَّا تَبَارًا ۝٢٨

## سُوْرَةُ الْجِنِّ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

قُلْ اُوْحِيَ اِلَيَّ اَنَّهُ اسْتَمَعَ نَفَرٌ مِّنَ الْجِنِّ فَقَالُوْٓا اِنَّا سَمِعْنَا قُرْاٰنًا عَجَبًا ۙ ۝١

۽ الله اوهان لاءِ زمين کي وڇاڻو بڻايو (١٩). تہ اُن ۾ ويڪرين واٽن سان هلو (٢٠). نوح چيو تہ اي منهنجا پالڻهار! بيشڪ اُنهن منهنجو چيو نہ مڃيو ۽ انهن (رئيسن جي) پويان لڳا جن جي حق ۾ سندن مال ۽ سندن اولاد خساري کان سواءِ (ٻيو) ڪجھ نہ وڌايو آهي (٢١). ۽ اُنهن (رئيسن) تمام وڏو فريب پڪيڙيو (٢٢). ۽ چيائون تہ پنهنجن بتن کي ڪڏهن بہ نہ ڇڏيو ۽ نڪي وَدَ نڪي سُواع ۽ نڪي يغوث ۽ يَعُوق ۽ نَسر کي (اوهين ڪڏهن) ڇڏيو (٢٣). ۽ بيشڪ گهڻن کي گمراھ ڪيائون ۽ (اي الله) ظالمن کي گمراهيءَ کان سواءِ (ٻيو) ڪجھ وڌيڪ نہ ڏي (٢٤). انهن کي سندن گناهَن جي سبب ڪري ٻوڙيو ويو، وري انهن کي باھ ۾ وڌو ويو، پوءِ الله کان سواءِ (ٻيو) ڪو پاڻ لاءِ مددگار نہ لڌائون (٢٥). ۽ نوح چيو تہ، اي منهنجا پالڻهار! ڪافرن مان ڪو زمين تي رهندڙ نہ ڇڏ (٢٦). ڇو تہ تون جيڪڏهن انهن کي ڇڏيندين تہ تنهنجن ٻانهن کي گمراھ ڪندا ۽ اُهي بدڪار منڪر کان سواءِ (ٻيو) ڪي نہ ڄڻيندا (٢٧). اي منهنجا پالڻهار! مون کي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ کي بخش ۽ جيڪو منهنجي گهر ۾ مؤمن ٿي اچي، تنهن کي ۽ سڀني مؤمنن ۽ مؤمنياڻين کي (بخش) ۽ ظالمن کي هلاڪيءَ کان سواءِ (ٻيو) ڪجھ وڌڪ نہ ڏي (٢٨).

سورة الجن مڪي آهي ۽ هن ۾ اٺاويھ آيتون ۽ ٻہ رڪوع آهن.

**الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)**

(اي پيغمبر) چؤ تہ، مون ڏانهن (هن ڳالھ جو) وحي موڪليو ويو تہ جنن مان هڪ ٽوليءَ (قرآن) ٻُڌو، پوءِ چيائون تہ بيشڪ اسان هڪ عجيب قرآن ٻڌو (١).

يَّهْدِيْٓ اِلَى الرُّشْدِ فَاٰمَنَّا بِهٖ ؕ وَلَنْ نُّشْرِكَ بِرَبِّنَآ اَحَدًا ۙ ۲
وَّاَنَّهٗ تَعٰلٰى جَدُّ رَبِّنَا مَا اتَّخَذَ صَاحِبَةً وَّلَا وَلَدًا ۙ ۳ وَّ
اَنَّهٗ كَانَ يَقُوْلُ سَفِيْهُنَا عَلَى اللّٰهِ شَطَطًا ۙ ۴ وَّاَنَّا ظَنَنَّآ
اَنْ لَّنْ تَقُوْلَ الْاِنْسُ وَالْجِنُّ عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا ۙ ۵ وَّاَنَّهٗ كَانَ
رِجَالٌ مِّنَ الْاِنْسِ يَعُوْذُوْنَ بِرِجَالٍ مِّنَ الْجِنِّ فَزَادُوْهُمْ
رَهَقًا ۙ ۶ وَّاَنَّهُمْ ظَنُّوْا كَمَا ظَنَنْتُمْ اَنْ لَّنْ يَّبْعَثَ اللّٰهُ اَحَدًا ۙ ۷
وَّاَنَّا لَمَسْنَا السَّمَآءَ فَوَجَدْنٰهَا مُلِئَتْ حَرَسًا شَدِيْدًا
وَّشُهُبًا ۙ ۸ وَّاَنَّا كُنَّا نَقْعُدُ مِنْهَا مَقَاعِدَ لِلسَّمْعِ ؕ فَمَنْ
يَّسْتَمِعِ الْاٰنَ يَجِدْ لَهٗ شِهَابًا رَّصَدًا ۙ ۹ وَّاَنَّا لَا نَدْرِيْٓ
اَشَرٌّ اُرِيْدَ بِمَنْ فِي الْاَرْضِ اَمْ اَرَادَ بِهِمْ رَبُّهُمْ
رَشَدًا ۙ ۱۰ وَّاَنَّا مِنَّا الصّٰلِحُوْنَ وَمِنَّا دُوْنَ ذٰلِكَ ؕ كُنَّا
طَرَآئِقَ قِدَدًا ۙ ۱۱ وَّاَنَّا ظَنَنَّآ اَنْ لَّنْ نُّعْجِزَ اللّٰهَ فِي الْاَرْضِ
وَلَنْ نُّعْجِزَهٗ هَرَبًا ۙ ۱۲ وَّاَنَّا لَمَّا سَمِعْنَا الْهُدٰٓى اٰمَنَّا بِهٖ ؕ
فَمَنْ يُّؤْمِنْ بِرَبِّهٖ فَلَا يَخَافُ بَخْسًا وَّلَا رَهَقًا ۙ ۱۳ وَّاَنَّا مِنَّا
الْمُسْلِمُوْنَ وَمِنَّا الْقٰسِطُوْنَ ؕ فَمَنْ اَسْلَمَ فَاُولٰٓئِكَ تَحَرَّوْا رَشَدًا ۱۴

جو سڌي رستي ڏانهن ڏس ڏئي ٿو، تنهن ڪري ان تي ايمان آندوسون ۽ پنهنجي پالڻهار سان ڪنهن هڪڙي کي شريڪ اصل نہ ڪندا سون (٢). ۽ (بيان ڪرڻ لڳا) تہ اسان جي پالڻهار جو شان تمام وڏو آهي، نڪي ڪا زال ۽ نڪي ڪو اولاد رکيو اٿس (٣). ۽ هيءُ تہ الله جي نسبت ۾ اسان مان ڪنهن بيوقوف ڪوڙو ناهہ ناهيو ٿي (۴). ۽ هيءَ تہ اسان ڀانيو هو تہ انسان ۽ جن الله تي ڪڏهن ڪوڙ نہ چوندا (٥). ۽ هيءُ تہ انسانن مان ڪيترا ماڻهو جنن جي مَردن جي سام پوندا هئا، پوءِ (ماڻهن) جنن (جي حق) ۾ (هٺئون) وڌائي وڌائي (٦). ۽ تہ (اي جنؤ!) ماڻهن اهڙو گمان ڪيو هو جهڙو اوهان گمان ڪيو هو تہ الله ڪنهن کي پيغمبر ڪري اصل نہ موڪليندو (٧). ۽ هيءَ تہ اسان آسمان کي جاچيو، پوءِ ڏٺوسونس تہ سخت چوڪيدارن ۽ اُلانبن سان ڀرجي ويو آهي (٨). ۽ هيءُ تہ اسين (اڳي) آسمان جي گهٽن) رستن تي (ملائڪن جي گفتگو) ٻڌڻ لاءِ وهندا هياسين، پوءِ جيڪو هاڻي ڪَنُ ڏيندو آهي، سو پاڻ لاءِ تيار ٿيل اُلانبي وارو تارو ڏسندو آهي (٩). ۽ هيءُ تہ اسين نہ ٿا ڄاڻون تہ جيڪي زمين ۾ آهن تن لاءِ ڪنهن مدائيءَ جو ارادو ڪيو ويو آهي يا انهن لاءِ سندن پالڻهار ڪو ڇڱائيءَ جو ارادو ڪيو آهي (١٠). ۽ هيءُ تہ اسان مان ڪي سڌريل آهن ۽ اسان مان ڪي اُن ڪان سواءِ (بہ) آهن، (اسين) مختلف ٽوليون ٽوليون هياسون (١١). ۽ هيءُ تہ اسان پڪ ڄاتو تہ زمين ۾ الله کي ڪڏهن بہ ٿڪائي نہ سگهنداسون ۽ نڪي ڀڄي ڪڏهن ٿڪائي سگهنداسونس (١٢). ۽ هيءُ تہ جڏهن اسان هدايت (جي ڳالهہ) ٻڌي (تڏهن) ان تي ايمان آندوسون، پوءِ جيڪو پنهنجي پالڻهار تي ايمان آڻيندو سو نڪي ڪنهن نقصان کان ۽ نڪي ڪنهن ظلم کان ڊڄندو (١٣). ۽ هيءُ تہ اسان مان ڪي مسلمان آهن ۽ اسان مان ڪي ظالم آهن، پوءِ جيڪي مسلمان ٿيا تن سڌيءَ واٽ جي سوچ ڪئي (١۴).

وَاَمَّا الْقٰسِطُوْنَ فَكَانُوْا لِجَهَنَّمَ حَطَبًا ﴿١٥﴾ وَّاَنْ لَّوِ اسْتَقَامُوْا
عَلَى الطَّرِيْقَةِ لَاَسْقَيْنٰهُمْ مَّآءً غَدَقًا ﴿١٦﴾ ۙ لِّنَفْتِنَهُمْ فِيْهِ ؕ
وَمَنْ يُّعْرِضْ عَنْ ذِكْرِ رَبِّهٖ يَسْلُكْهُ عَذَابًا صَعَدًا ﴿١٧﴾ ۙ
وَّاَنَّ الْمَسٰجِدَ لِلّٰهِ فَلَا تَدْعُوْا مَعَ اللّٰهِ اَحَدًا ﴿١٨﴾ ۙ وَّاَنَّهٗ
لَمَّا قَامَ عَبْدُ اللّٰهِ يَدْعُوْهُ كَادُوْا يَكُوْنُوْنَ عَلَيْهِ لِبَدًا ﴿١٩﴾ ؕع
قُلْ اِنَّمَآ اَدْعُوْا رَبِّيْ وَلَآ اُشْرِكُ بِهٖۤ اَحَدًا ﴿٢٠﴾ قُلْ اِنِّيْ لَآ
اَمْلِكُ لَكُمْ ضَرًّا وَّلَا رَشَدًا ﴿٢١﴾ قُلْ اِنِّيْ لَنْ يُّجِيْرَنِيْ مِنَ
اللّٰهِ اَحَدٌ ۙ وَّلَنْ اَجِدَ مِنْ دُوْنِهٖ مُلْتَحَدًا ﴿٢٢﴾ ۙ اِلَّا بَلٰغًا
مِّنَ اللّٰهِ وَرِسٰلٰتِهٖ ؕ وَمَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَاِنَّ
لَهٗ نَارَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ﴿٢٣﴾ ؕ حَتّٰۤى اِذَا رَاَوْا مَا
يُوْعَدُوْنَ فَسَيَعْلَمُوْنَ مَنْ اَضْعَفُ نَاصِرًا وَّاَقَلُّ عَدَدًا ﴿٢٤﴾
قُلْ اِنْ اَدْرِيْۤ اَقَرِيْبٌ مَّا تُوْعَدُوْنَ اَمْ يَجْعَلُ
لَهٗ رَبِّيْۤ اَمَدًا ﴿٢٥﴾ عٰلِمُ الْغَيْبِ فَلَا يُظْهِرُ عَلٰى غَيْبِهٖۤ
اَحَدًا ﴿٢٦﴾ ۙ اِلَّا مَنِ ارْتَضٰى مِنْ رَّسُوْلٍ فَاِنَّهٗ
يَسْلُكُ مِنْۢ بَيْنِ يَدَيْهِ وَمِنْ خَلْفِهٖ رَصَدًا ﴿٢٧﴾ ۙ

۽ باقي ظالم سي دوزخ لاءِ ڪاٺيون هوندا (١٥). ۽ (اي پيغمبر!) هيءُ (به چئو ته مون ڏانهن وحي موڪليو ويو آهي) ته جيڪڏهن (ماڻهو سڌيءَ) واٽ تي بيهڪ وٺن ها ته ضرور انهن (جي پوکن) کي گهڻو پاڻي پياريون ها (١٦). ته جيئن اُن (سڪار ڪرڻ) ۾ کين پرکيون ۽ جيڪو پنهنجي پالڻهار جي ياد ڪرڻ کان منهن موڙيندو، تنهن کي (الله) سخت عذاب ۾ ڦاسائيندو (١٧). ۽ هيءُ ته (سڀ) مسجدون (خاص) الله جون آهن، تنهن ڪري الله سان (گڏ) ڪنهن جي عبادت نه ڪريو (١٨). ۽ هيءُ ته جنهن مهل الله جو ٻانهو (محمدﷺ) بيٺو ته سندس عبادت ڪري (تنهن مهل جنَ) مٿس ڳاهٽ ڪرڻ تي هئا (١٩). چئو ته آءٌ رڳو پنهنجي پالڻهار جي عبادت ڪريان ٿو ۽ ڪنهن هڪڙي کي ساڻس شريڪ نه ٿو ڪريان (٢٠). چئو ته بيشڪ آءٌ اوهان کي ڏک پهچائڻ ۽ سنئين رستي تي آڻڻ جو وس نه ٿو رکان (٢١). چئو ته بيشڪ مون کي الله (جي عذاب) کان ڪوبه نه بچائيندو ۽ ان کان سواءِ ڪا پناهه ڪڏهن نه لهندس (٢٢). مگر الله جي پار کان خبر پهچائڻي آهي ۽ سندس پيغام پهچائڻا آهن ۽ جيڪو الله ۽ سندس پيغمبر جي نافرماني ڪندو، تنهن لاءِ بيشڪ دوزخ جي باهه آهي، جنهن ۾ سدائين رهندا (٢٣). (ايستائين غفلت ۾ رهندا) جيسين ڪِ جيڪو انهن کي انجام ڏجي ٿوسو ڏسن، پوءِ ڄاڻندا ته مددگار جي ڪري وڌيڪ هيڻو ۽ ڳاڻاٽي جي ڪري تمام ٿورو ڪير آهي (٢٤). (کين) چئو ته آءٌ نه ٿو ڄاڻان ته جنهن جو اوهان کي انجام ڏجي ٿو سو (الائي) ويجهو آهي يا منهنجو پالڻهار ان جي ڪا (ٻي) مدت مقرر ڪندو؟ (٢٥). (اُهو) ڳجهه ڄاڻندڙ آهي، پوءِ پنهنجي ڳجهه تي ڪنهن هڪڙي کي واقف نه ڪندو آهي (٢٦). سواءِ اُن پيغمبر جي جنهن کي پسند ڪيائين، پوءِ بيشڪ الله سندس اڳتان ۽ سندس پوئتان نگهبان (ملائڪ) موڪليندو آهي (٢٧).

لِّيَعۡلَمَ اَنۡ قَدۡ اَبۡلَغُوۡا رِسٰلٰتِ رَبِّهِمۡ وَاَحَاطَ بِمَا لَدَيۡهِمۡ
وَاَحۡصٰى كُلَّ شَىۡءٍ عَدَدًا ﴿۲۸﴾

## سُوۡرَةُ المُزَّمِّل

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○
يٰۤاَيُّهَا الۡمُزَّمِّلُ ۙ﴿۱﴾ قُمِ الَّيۡلَ اِلَّا قَلِيۡلًا ۙ﴿۲﴾ نِّصۡفَهٗۤ اَوِ انۡقُصۡ
مِنۡهُ قَلِيۡلًا ۙ﴿۳﴾ اَوۡ زِدۡ عَلَيۡهِ وَرَتِّلِ الۡقُرۡاٰنَ تَرۡتِيۡلًا ؕ﴿۴﴾ اِنَّا
سَنُلۡقِىۡ عَلَيۡكَ قَوۡلًا ثَقِيۡلًا ﴿۵﴾ اِنَّ نَاشِئَةَ الَّيۡلِ هِىَ
اَشَدُّ وَطۡاً وَّاَقۡوَمُ قِيۡلًا ؕ﴿۶﴾ اِنَّ لَكَ فِى النَّهَارِ سَبۡحًا
طَوِيۡلًا ؕ﴿۷﴾ وَاذۡكُرِ اسۡمَ رَبِّكَ وَتَبَتَّلۡ اِلَيۡهِ تَبۡتِيۡلًا ؕ﴿۸﴾
رَبُّ الۡمَشۡرِقِ وَالۡمَغۡرِبِ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ فَاتَّخِذۡهُ وَكِيۡلًا ﴿۹﴾
وَاصۡبِرۡ عَلٰى مَا يَقُوۡلُوۡنَ وَاهۡجُرۡهُمۡ هَجۡرًا جَمِيۡلًا ﴿۱۰﴾ وَ
ذَرۡنِىۡ وَالۡمُكَذِّبِيۡنَ اُولِى النَّعۡمَةِ وَمَهِّلۡهُمۡ قَلِيۡلًا ﴿۱۱﴾ اِنَّ
لَدَيۡنَاۤ اَنۡكَالًا وَّجَحِيۡمًا ۙ﴿۱۲﴾ وَّطَعَامًا ذَا غُصَّةٍ وَّعَذَابًا اَلِيۡمًا ﴿۱۳﴾ قف يَوۡمَ
تَرۡجُفُ الۡاَرۡضُ وَالۡجِبَالُ وَكَانَتِ الۡجِبَالُ كَثِيۡبًا مَّهِيۡلًا ﴿۱۴﴾ اِنَّاۤ اَرۡسَلۡنَاۤ
اِلَيۡكُمۡ رَسُوۡلًا ۙ شَاهِدًا عَلَيۡكُمۡ كَمَاۤ اَرۡسَلۡنَاۤ اِلٰى فِرۡعَوۡنَ رَسُوۡلًا ؕ﴿۱۵﴾

(هن لاءِ) تہ ڄاڻي تہ پنهنجي پالڻهار جا حڪم سچ پچ پهچايا اٿن ۽ جيڪي وٽن آهي تنهن کي (الله هر طرح پنهنجي) وس رکيو آهي ۽ سڀڪنهن شيءِ جو ڳاڻاٽو ڳڻي ڇڏيو اٿس (٢٨).

سورة مزمل مڪي آهي ۽ هن ۾ ويهہ آيتون ۽ ٻہ رڪوع آهن.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اي (پاڻ تي) ڪپڙي ويڙهڻ وارا (مُزّمّل) (١). رات جو اٿي پر ٿورو (٢). رات جو اڌ يا ان کان ٿورو گهٽاءِ (٣). يا اڌ رات تي ڪجهہ وڌاءِ ۽ قرآن ٺاهي ٺاهي (ترتيل سان) پڙهہ (٤). بيشڪ اسين توتي هڪ ڳرو حڪم نازل ڪنداسون (٥). بيشڪ رات جو اٿڻ (نفس جي) جهڪي ڪرڻ ۾ تمام سخت آهي ۽ (لفظن) چوڻ ۾ تمام پڪو آهي (٦). بيشڪ توکي ڏينهن ۾ (ماڻهن کي دين سيکارڻ جو) گهڻو ڌنڌو آهي (٧). ۽ پنهنجي رب جو نالو ياد ڪر ۽ سڀني پاسن کان هڪ طرفو ٿي چڱيءَ طرح ڏانهس متوجہ ٿيءُ (٨). جو اوڀر ۽ اولهہ جو رب آهي، ان کان سواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جو لائق نہ آهي، تنهن ڪري (تون) کيس پرجهلو ڪري وٺ (٩). ۽ (ڪافر) جيڪي چوندا آهن، تنهن تي صبر ڪر ۽ چڱيءَ طرح انهن کي ڇڏي ڏي (١٠). ۽ مون کي ۽ جيڪي ڪوڙ ڀائيندڙ آسودا آهن، تن کي ڇڏي ڏي ۽ انهن کي ٿوري مهلت ڏي (١١). بيشڪ اسان وٽ (ڳرا) نيل ۽ (ٻاريل) باهہ آهي (١٢). ۽ نڙي گهٽيندڙ طعام ۽ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (١٣). جنهن ڏينهن زمين ۽ جبل ڌٻندا ۽ جبل واريءَ جا ڍڳ هاريل ٿيندا (١٤). (اي انسانؤ!) بيشڪ اسان اوهان ڏانهن هڪ پيغمبر اوهان تي شاهدي ڏيندڙ موڪليو، جهڙيءَ طرح فرعون ڏانهن (موسىٰ) پيغمبر (ڪري) موڪليوسون (١٥).

فَعَصٰى فِرْعَوْنُ الرَّسُوْلَ فَاَخَذْنٰهُ اَخْذًا وَّبِيْلًا ﴿١٦﴾
فَكَيْفَ تَتَّقُوْنَ اِنْ كَفَرْتُمْ يَوْمًا يَّجْعَلُ الْوِلْدَانَ
شِيْبًا ﴿١٧﴾ السَّمَآءُ مُنْفَطِرٌۢ بِهٖ ؕ كَانَ وَعْدُهٗ مَفْعُوْلًا ﴿١٨﴾ اِنَّ
هٰذِهٖ تَذْكِرَةٌ ۚ فَمَنْ شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰى رَبِّهٖ سَبِيْلًا ﴿١٩﴾
اِنَّ رَبَّكَ يَعْلَمُ اَنَّكَ تَقُوْمُ اَدْنٰى مِنْ ثُلُثَىِ الَّيْلِ وَ
نِصْفَهٗ وَثُلُثَهٗ وَطَآئِفَةٌ مِّنَ الَّذِيْنَ مَعَكَ ؕ وَاللّٰهُ
يُقَدِّرُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ ؕ عَلِمَ اَنْ لَّنْ تُحْصُوْهُ فَتَابَ
عَلَيْكُمْ فَاقْرَءُوْا مَا تَيَسَّرَ مِنَ الْقُرْاٰنِ ؕ عَلِمَ اَنْ
سَيَكُوْنُ مِنْكُمْ مَّرْضٰى ۙ وَاٰخَرُوْنَ يَضْرِبُوْنَ فِى الْاَرْضِ
يَبْتَغُوْنَ مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ ۙ وَاٰخَرُوْنَ يُقَاتِلُوْنَ فِىْ
سَبِيْلِ اللّٰهِ ۖ فَاقْرَءُوْا مَا تَيَسَّرَ مِنْهُ ۙ وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ
وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَاَقْرِضُوا اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا ؕ وَمَا تُقَدِّمُوْا
لِاَنْفُسِكُمْ مِّنْ خَيْرٍ تَجِدُوْهُ عِنْدَ اللّٰهِ هُوَ خَيْرًا
وَّاَعْظَمَ اَجْرًا ؕ وَاسْتَغْفِرُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ
رَّحِيْمٌ ﴿٢٠﴾

پوءِ فرعون اُن پيغمبر جي نافرماني ڪئي، تنهن ڪري ان کي سخت پڪڙ ۾ پڪڙيوسون (١٦). پوءِ جيڪڏهن (اوهين) ڪافر رهندؤ ته اهڙي ڏينهن کان ڪيئن بچندؤ جيڪو ٻارن کي ٻڍو ڪندو؟ (١٧). اُن (ڏينهن) ۾ آسمان ڦاٽندو، الله جو انجام (ضرور پورو) ٿيڻو آهي (١٨). بيشڪ هيءَ نصيحت آهي، پوءِ جيڪو گهري سو پنهنجي پالڻهار ڏانهن واٽ وٺي (١٩). بيشڪ تنهنجو پالڻهار ڄاڻندو آهي ته تون ٻن ٽهائن رات جي ويجهو اٿندو آهين ۽ اڌ رات جو ۽ ٽهائي رات جي ۽ جيڪي تو ساڻ آهن تن مان ٻه هڪ ٽولي (اٿندي آهي) ۽ الله رات ۽ ڏينهن جو اندازو ڪندو آهي، الله ڄاتو ته اوهين رات جو اٿڻ پورو ڪري نه ٿا سگهو، تنهن ڪري اوهان تي ٻاجھ سان موٽيو، پوءِ جيترو آسان ٿي سگهي (سو) قرآن مان پڙهو، الله ڄاڻي چڪو ته اوهان مان ڪي بيمار ٿيندا ۽ ٻيا جي زمين ۾ مسافري ڪن ٿا، الله جي فضل مان (روزيءَ جي) طلب ڪن ٿا ۽ ٻيا الله جي واٽ ۾ (ڪافرن سان) وڙهن ٿا، تنهن ڪري جيترو قرآن مان آسان ٿي سگهي سو پڙهو ۽ نماز کي قائم رکو ۽ زڪواة ڏيو ۽ الله کي چڱيءَ طرح قرض ڏيو ۽ جيڪي پاڻ لاءِ نيڪيءَ مان اڳي موڪليندؤ تنهن کي الله وٽ وڌيڪ چڱو ۽ اجر ڪري تمام وڏو لهندؤ ۽ الله کان بخشش گهرو، ڇو ته الله بخشڻهار مهربان آهي (٢٠).

# سُوْرَةُ الْمُدَّثِّرِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

يٰۤاَيُّهَا الْمُدَّثِّرُ ۙ﴿۱﴾ قُمْ فَاَنْذِرْ ۙ﴿۲﴾ وَرَبَّكَ فَكَبِّرْ ۙ﴿۳﴾ وَثِيَابَكَ
فَطَهِّرْ ۙ﴿۴﴾ وَالرُّجْزَ فَاهْجُرْ ۙ﴿۵﴾ وَلَا تَمْنُنْ تَسْتَكْثِرُ ۙ﴿۶﴾ وَ
لِرَبِّكَ فَاصْبِرْ ؕ﴿۷﴾ فَاِذَا نُقِرَ فِي النَّاقُوْرِ ۙ﴿۸﴾ فَذٰلِكَ يَوْمَئِذٍ
يَّوْمٌ عَسِيْرٌ ۙ﴿۹﴾ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ غَيْرُ يَسِيْرٍ ﴿۱۰﴾ ذَرْنِيْ وَمَنْ
خَلَقْتُ وَحِيْدًا ۙ﴿۱۱﴾ وَّجَعَلْتُ لَهٗ مَالًا مَّمْدُوْدًا ۙ﴿۱۲﴾ وَّبَنِيْنَ
شُهُوْدًا ۙ﴿۱۳﴾ وَّمَهَّدْتُّ لَهٗ تَمْهِيْدًا ۙ﴿۱۴﴾ ثُمَّ يَطْمَعُ اَنْ
اَزِيْدَ ۙ﴿۱۵﴾ كَلَّا ؕ اِنَّهٗ كَانَ لِاٰيٰتِنَا عَنِيْدًا ؕ﴿۱۶﴾ سَاُرْهِقُهٗ
صَعُوْدًا ؕ﴿۱۷﴾ اِنَّهٗ فَكَّرَ وَقَدَّرَ ۙ﴿۱۸﴾ فَقُتِلَ كَيْفَ قَدَّرَ ۙ﴿۱۹﴾ ثُمَّ
قُتِلَ كَيْفَ قَدَّرَ ۙ﴿۲۰﴾ ثُمَّ نَظَرَ ۙ﴿۲۱﴾ ثُمَّ عَبَسَ وَبَسَرَ ۙ﴿۲۲﴾
ثُمَّ اَدْبَرَ وَاسْتَكْبَرَ ۙ﴿۲۳﴾ فَقَالَ اِنْ هٰذَاۤ اِلَّا سِحْرٌ
يُّؤْثَرُ ۙ﴿۲۴﴾ اِنْ هٰذَاۤ اِلَّا قَوْلُ الْبَشَرِ ؕ﴿۲۵﴾ سَاُصْلِيْهِ
سَقَرَ ﴿۲۶﴾ وَمَاۤ اَدْرٰىكَ مَا سَقَرُ ؕ﴿۲۷﴾ لَا تُبْقِيْ وَ
لَا تَذَرُ ۚ﴿۲۸﴾ لَوَّاحَةٌ لِّلْبَشَرِ ۚ﴿۲۹﴾ عَلَيْهَا تِسْعَةَ عَشَرَ ؕ﴿۳۰﴾

سورة المدثر مڪي آهي ۽ هن ۾ ڇاونجاهه آيتون ۽ به رڪوع آهن.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اي (پاڻ تي) ڪپڙي ويڙهڻ وارا (مڙس) (١). اٿي پوءِ ديڄار (٢). ۽ پنهنجي پالڻهار جي وڏائي بيان ڪر (٣). ۽ پنهنجا ڪپڙا پاڪ رک (۴). ۽ پليتيءَ کان پري رهه (٥). ۽ نه ڄڳائي ته وڌيڪ گهرندڙ ٿي، احسان ڪرين (٦). ۽ پنهنجي پالڻهار (جي حڪم) لاءِ صبر اختيار ڪر (٧). پوءِ جڏهن صور ۾ ڦوڪبو (٨). تڏهن انهيءَ ڏينهن اوکو وقت ٿيندو (٩). ڪافرن تي اڻ سُکيو (وقت) هوندو (١٠). مون کي ۽ جنهن کي اڪيلو پيدا ڪيم، تنهن کي ڇڏي ڏي (١١). ۽ ان کي گهڻو مال ڏنم (١٢). ۽ (مجلس ۾) حاضر ٿيڻ وارا پٽ (به ڏنم) (١٣). ۽ ان کي پوريءَ طرح وڌايم (١۴). وري (به) لالچ رکندو آهي ته (کيس) وڌيڪ ڏيان (١٥). ائين نه آهي، بيشڪ اُهو اسان جي آيتن سان جهڳڙو ڪندڙ آهي (١٦). جلد ان کي وڏيءَ سختيءَ سان تڪليف ڏيندس (١٧). ڇو ته اُن (دل ۾) سوچ ڪئي ۽ ٺهراءُ ڪيو (١٨). پوءِ لعنت هجيس شال ڪيئن ٺهراءُ ڪيائين (١٩). وري به لعنت هجيس شال ڪيئن ٺهراءُ ڪيائين (٢٠). وري (غور ڪري) ڏٺائين (٢١). وري منهن ۾ شور وڌائين ۽ گهنډ پاتائين (٢٢). وري پٺيرو ٿيو ۽ وڏائي ڪيائين (٢٣). پوءِ چيائين ته هيءُ (قرآن) رڳو جادو آهي جو (جادوگرن کان) هليو ٿو اچي (٢۴). هيءُ (قرآن) رڳو ماڻهوءَ جو ڪلام آهي (٢٥). جلد ان کي دوزخ ۾ وجهندس (٢٦). ۽ توکي ڪهڙيءَ شيءِ ڄاڻايو ته دوزخ ڇا آهي؟ (٢٧). (اُهو) نه ڪي ڪجهه (گوشت) رهائي ٿو ۽ نه ڪي (هڏا) ڇڏي ٿو (٢٨) ماڻهن کي (ساڙي) ڪارو ڪندڙ آهي (٢٩). اُن تي اُڻويهه (ڄڻا دربان) آهن (٣٠).

وَمَا جَعَلْنَآ اَصْحٰبَ النَّارِ اِلَّا مَلٰٓئِكَةً ۙ وَّمَا جَعَلْنَا عِدَّتَهُمْ
اِلَّا فِتْنَةً لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۙ لِيَسْتَيْقِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ
وَيَزْدَادَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِيْمَانًا وَّلَا يَرْتَابَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا
الْكِتٰبَ وَالْمُؤْمِنُوْنَ ۙ وَلِيَقُوْلَ الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ
وَّالْكٰفِرُوْنَ مَاذَآ اَرَادَ اللّٰهُ بِهٰذَا مَثَلًا ؕ كَذٰلِكَ يُضِلُّ
اللّٰهُ مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَمَا يَعْلَمُ جُنُوْدَ
رَبِّكَ اِلَّا هُوَ ؕ وَمَا هِيَ اِلَّا ذِكْرٰى لِلْبَشَرِ ﴿٣١﴾ كَلَّا وَالْقَمَرِ ﴿٣٢﴾ ۙ
وَالَّيْلِ اِذْ اَدْبَرَ ﴿٣٣﴾ ۙ وَالصُّبْحِ اِذَآ اَسْفَرَ ﴿٣٤﴾ ۙ اِنَّهَا لَاِحْدَى
الْكُبَرِ ﴿٣٥﴾ ۙ نَذِيْرًا لِّلْبَشَرِ ﴿٣٦﴾ ۙ لِمَنْ شَآءَ مِنْكُمْ اَنْ يَّتَقَدَّمَ
اَوْ يَتَاَخَّرَ ﴿٣٧﴾ ؕ كُلُّ نَفْسٍۭ بِمَا كَسَبَتْ رَهِيْنَةٌ ﴿٣٨﴾ ۙ اِلَّآ اَصْحٰبَ
الْيَمِيْنِ ﴿٣٩﴾ ؕ فِيْ جَنّٰتٍ ۛ يَتَسَآءَلُوْنَ ﴿٤٠﴾ ۙ عَنِ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿٤١﴾ ۙ مَا
سَلَكَكُمْ فِيْ سَقَرَ ﴿٤٢﴾ قَالُوْا لَمْ نَكُ مِنَ الْمُصَلِّيْنَ ﴿٤٣﴾ ۙ وَلَمْ
نَكُ نُطْعِمُ الْمِسْكِيْنَ ﴿٤٤﴾ ۙ وَكُنَّا نَخُوْضُ مَعَ الْخَآئِضِيْنَ ﴿٤٥﴾ ۙ وَ
كُنَّا نُكَذِّبُ بِيَوْمِ الدِّيْنِ ﴿٤٦﴾ ۙ حَتّٰىٓ اَتٰىنَا الْيَقِيْنُ ﴿٤٧﴾ ؕ فَمَا تَنْفَعُهُمْ
شَفَاعَةُ الشّٰفِعِيْنَ ﴿٤٨﴾ ؕ فَمَا لَهُمْ عَنِ التَّذْكِرَةِ مُعْرِضِيْنَ ﴿٤٩﴾ ۙ

۽ دوزخ جا دربان رڳو ملائڪ ڪيا اٿؤن ۽ سندن ڳاڻاٽو رڳو ڪافرن لاءِ پرک ڪئي اٿؤن ته ڪتاب وارا يقين ڪن ۽ ايمان وارا (پنهنجي) ايمان ۾ وڌن ۽ ڪتاب وارا ۽ مؤمن شڪ ۾ نه پون ۽ ته جن جي دلين ۾ (منافقيءَ جي) بيماري آهي، سي ۽ ڪافر چون ته هن مثال ڏيڻ ۾ الله جو ڇا مطلب آهي؟ اهڙيءَ طرح الله جنهن کي گهري (تنهن کي) ڀلائيندو آهي ۽ جنهن کي گهري (تنهن کي) هدايت ڪندو آهي ۽ تنهنجي پالڻهار جو لشڪر ان (الله) کان سواءِ (ٻيو) ڪونه ڄاڻندو آهي ۽ هيءَ (دوزخ جي باهه) ته (سڀڪنهن) ماڻهوءَ لاءِ رڳي نصيحت آهي (٣١). سچ چوان ٿو چنڊ جو قسم آهي (٣٢). ۽ رات جو (قسم آهي) جڏهن پٺ ڦيري (٣٣). ۽ صبح جو (قسم آهي) جڏهن روشن ٿئي (٣٤). ته بيشڪ دوزخ هڪ وڏين (شين) مان آهي (٣٥). (سڀڪنهن) ماڻهوءَ کي ڊيڄاريندڙ آهي (٣٦). اوهان مان انهيءَ لاءِ جيڪو گهري ته (بهشت لاءِ) اڳي وڌي يا (دوزخ ۾) پٺتي رهي (٣٧). سڀڪو جيءُ پنهنجي ڪئي ۾ ٻڌل آهي (٣٨). پر سڄي پاسي وارا (ڇٽل آهن) (٣٩). (بهشت جي) باغن ۾ هوندا، گڏجي پڇندا (٤٠). ڏوهارين کان (٤١). ته اوهان کي دوزخ ۾ ڪهڙيءَ ڳالهه وڌو (٤٢). چوندا ته نڪي نمازين مان هياسون (٤٣). ۽ نڪي مسڪينن کي کارائيندا هياسون (٤٤). ۽ بڪواسن سان گڏ بڪواس ڪندا هياسون (٤٥). ۽ بدلي جي ڏينهن کي ڪوڙ ڀائيندا هياسون (٤٦). تانجو اسان تي موت آيو (٤٧). پوءِ ڪين پارت ڪندڙن جي پارت نفعو نه ڏيندي (٤٨). پوءِ انهن کي ڇا (ٿيو) آهي، جو نصيحت کان منهن موڙيندڙ (ٿيا) آهن (٤٩).

كَاَنَّهُمۡ حُمُرٌ مُّسۡتَنۡفِرَةٌ ۙ۵۰ فَرَّتۡ مِنۡ قَسۡوَرَةٍ ؕ۵۱ بَلۡ يُرِيۡدُ
كُلُّ امۡرِیًٔ مِّنۡهُمۡ اَنۡ يُّؤۡتٰى صُحُفًا مُّنَشَّرَةً ۙ۵۲ كَلَّا ؕ بَلۡ لَّا
يَخَافُوۡنَ الۡاٰخِرَةَ ؕ۵۳ كَلَّاۤ اِنَّهٗ تَذۡكِرَةٌ ۚ۵۴ فَمَنۡ شَآءَ
ذَكَرَهٗ ؕ۵۵ وَمَا يَذۡكُرُوۡنَ اِلَّاۤ اَنۡ يَّشَآءَ اللّٰهُ ؕ هُوَ اَهۡلُ
التَّقۡوٰى وَاَهۡلُ الۡمَغۡفِرَةِ ۵۶ ع

## سُوۡرَةُ الۡقِيَامَةِ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

لَاۤ اُقۡسِمُ بِيَوۡمِ الۡقِيٰمَةِ ۙ۱ وَلَاۤ اُقۡسِمُ بِالنَّفۡسِ اللَّوَّامَةِ ۲
اَيَحۡسَبُ الۡاِنۡسَانُ اَلَّنۡ نَّجۡمَعَ عِظَامَهٗ ؕ۳ بَلٰى قٰدِرِيۡنَ
عَلٰۤى اَنۡ نُّسَوِّىَ بَنَانَهٗ ۴ بَلۡ يُرِيۡدُ الۡاِنۡسَانُ لِيَفۡجُرَ
اَمَامَهٗ ۚ۵ يَسۡـَٔلُ اَيَّانَ يَوۡمُ الۡقِيٰمَةِ ؕ۶ فَاِذَا بَرِقَ
الۡبَصَرُ ۙ۷ وَخَسَفَ الۡقَمَرُ ۙ۸ وَجُمِعَ الشَّمۡسُ وَالۡقَمَرُ ۙ۹
يَقُوۡلُ الۡاِنۡسَانُ يَوۡمَئِذٍ اَيۡنَ الۡمَفَرُّ ۚ۱۰ كَلَّا لَا وَزَرَ ؕ۱۱ اِلٰى
رَبِّكَ يَوۡمَئِذِ اِلۡمُسۡتَقَرُّ ؕ۱۲ يُنَبَّؤُا الۡاِنۡسَانُ يَوۡمَئِذٍۢ
بِمَا قَدَّمَ وَاَخَّرَ ؕ۱۳ بَلِ الۡاِنۡسَانُ عَلٰى نَفۡسِهٖ بَصِيۡرَةٌ ۙ۱۴

جڻ تہ اُهي تهندڙ گڏهہ آهن (٥٠). جي شينهن کان ڀڳا هجن (٥١). بلڪ منجهانئن هرهڪ ماڻهو گهرندو آهي تہ کيس (آسمان مان) کليل ڪتاب ڏجن (٥٢). ائين نہ آهي، بلڪ آخرت کان نہ ٿا ڊڄن (٥٣). سچ آهي تہ بيشڪ قرآن هڪ نصيحت آهي (٥۴). پوءِ جيڪو گهري سو ان کي پڙهي (٥٥). ۽ الله جي گهر کان سواءِ (ان کي) ياد ڪري نہ سگهندا (الله) اُهو آهي جنهن کان ڊڄڻ گهرجي ۽ (اُهو) بخشش جو مالڪ آهي (٥٦).

سورة قيامت مڪي آهي ۽ هن ۾ چاليهہ آيتون ۽ ٻہ رڪوع آهن.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

قيامت جي ڏينهن جو قسم ٿو کڻان (١). ۽ ملامت ڪرڻ واري نفس جو قسم ٿو کڻان (تہ قيامت ۾ سڀ اُٿندا) (٢). انسان ڀائيندو آهي ڇا تہ سندس هڏا گڏ نہ ڪنداسون؟ (٣). هائو! سندس آڱرين جي ڏوڏين جي سڌي ڪرڻ تي وس وارا آهيون (۴). بلڪ انسان هيءُ گهرندو آهي تہ پنهنجي اڳ (ايندڙ وقت) لاءِ گناهہ ڪري (٥). پڇي ٿو تہ قيامت جو ڏينهن ڪڏهن ٿيندو؟ (٦). پوءِ جڏهن اکيون ڦاٽي ويندِيون (٧). ۽ چنڊ گرهبو (٨). ۽ سج ۽ چنڊ (هڪ جاءِ) گڏ ڪبا (٩). (تڏهن) ماڻهو چوندو تہ ڀڄڻ جي راهہ ڪٿي آهي؟ (١٠). نہ نہ! ڪا واهہ ڪانهي (١١). تنهنجي پالڻهار وٽ اُن ڏينهن ٽڪاڻ جو هنڌ آهي (١٢). اُن ڏينهن ماڻهوءَ کي (اُنهيءَ حال حقيقت بابت) خبردار ڪبو، جيڪي اڳي موڪليو هيائين ۽ پوئتي رهايائين (١٣). بلڪ ماڻهو پنهنجي (الزام) لاءِ (پاڻ) هڪ حجت آهي (١۴).

وَّلَوْ اَلْقٰى مَعَاذِيْرَهٗ ۞١٥ لَا تُحَرِّكْ بِهٖ لِسَانَكَ لِتَعْجَلَ
بِهٖ ۞١٦ اِنَّ عَلَيْنَا جَمْعَهٗ وَقُرْاٰنَهٗ ۞١٧ فَاِذَا قَرَاْنٰهُ فَاتَّبِعْ
قُرْاٰنَهٗ ۞١٨ ثُمَّ اِنَّ عَلَيْنَا بَيَانَهٗ ۞١٩ كَلَّا بَلْ تُحِبُّوْنَ
الْعَاجِلَةَ ۞٢٠ وَتَذَرُوْنَ الْاٰخِرَةَ ۞٢١ وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ نَّاضِرَةٌ ۞٢٢
اِلٰى رَبِّهَا نَاظِرَةٌ ۞٢٣ وَوُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍۭ بَاسِرَةٌ ۞٢٤ تَظُنُّ
اَنْ يُّفْعَلَ بِهَا فَاقِرَةٌ ۞٢٥ كَلَّآ اِذَا بَلَغَتِ التَّرَاقِيَ ۞٢٦
وَقِيْلَ مَنْ ٚ رَاقٍ ۞٢٧ وَّظَنَّ اَنَّهُ الْفِرَاقُ ۞٢٨ وَالْتَفَّتِ
السَّاقُ بِالسَّاقِ ۞٢٩ اِلٰى رَبِّكَ يَوْمَئِذِ اِلْمَسَاقُ ۞٣٠
فَلَا صَدَّقَ وَلَا صَلّٰى ۞٣١ وَلٰكِنْ كَذَّبَ وَتَوَلّٰى ۞٣٢
ثُمَّ ذَهَبَ اِلٰٓى اَهْلِهٖ يَتَمَطّٰى ۞٣٣ اَوْلٰى لَكَ فَاَوْلٰى ۞٣٤
ثُمَّ اَوْلٰى لَكَ فَاَوْلٰى ۞٣٥ اَيَحْسَبُ الْاِنْسَانُ اَنْ
يُّتْرَكَ سُدًى ۞٣٦ اَلَمْ يَكُ نُطْفَةً مِّنْ مَّنِيٍّ يُّمْنٰى ۞٣٧
ثُمَّ كَانَ عَلَقَةً فَخَلَقَ فَسَوّٰى ۞٣٨ فَجَعَلَ مِنْهُ الزَّوْجَيْنِ
الذَّكَرَ وَالْاُنْثٰى ۞٣٩ اَلَيْسَ ذٰلِكَ بِقٰدِرٍ عَلٰٓى اَنْ
يُّحْيِۦَ الْمَوْتٰى ۞٤٠

توٽيڪ پنهنجا بهانا پيش پيو ڪري (١٥). (اي پيغمبر) قرآن پڙهڻ مهل پنهنجي زبان کي (هن لاءِ) نہ چور تہ اهو جلدي (ياد ڪري) وٺين (١٦). چو تہ (تنهنجي سيني ۾) قرآن جو گڏ ڪرڻ ۽ ان جو پڙهڻ (آسان ڪرڻ) اسان جي ذمي آهي (١٧). پوءِ جڏهن قرآن (ملائڪ کان) پڙهايون تڏهن (پنهنجي دل) اُن جي پڙهڻ جي پٺيان لڳاءِ (١٨). وري بيشڪ ان جي وضاحت ڪرڻ اسان جي ذمي آهي (١٩). نہ نہ! بلڪ (اي ڪافرؤ) دنيا کي دوست رکندا آهيو (٢٠). ۽ آخرت کي ڇڏيندا آهيو (٢١). ڪي چهرا اُن ڏينهن تازا هوندا (٢٢). پنهنجي پالڻهار ڏانهن ڏسندڙ هوندا (٢٣). ڪي چهرا ان ڏينهن اُداس (ٺيل) هوندا (٢٤). ڀائيندا تہ ساڻن ڀڃيءَ توڙ معاملو ڪيو ويندو (٢٥). نہ نہ! جڏهن (ساه) نڙگهٽ تي پهچندو (٢٦). ۽ چيو ويندو تہ ڪو ڦيٽو رکڻ وارو آهي؟ (٢٧). ۽ (پڪ) ڀائيندو تہ (هاڻي) هيءُ (وقت روح جي) جدا ٿيڻ (جو) آهي (٢٨). ۽ هڪ پني ٻيءَ پنيءَ سان وچڙندي (٢٩). اُن ڏينهن تنهنجي پالڻهار وٽ هلڻو آهي (٣٠). پوءِ نڪي (الله جي ڪلام جي) تصديق ڪيائين ۽ نڪي نماز پڙهيائين (٣١). پر ڪوڙ ڀانيائين ۽ منهن موڙيائين (٣٢). وري پنهنجي گهروارن ڏانهن آڪڙجي هليو (٣٣). تو تي خرابي هجي، پوءِ تو تي خرابي هجي (٣٤). وري (ٻيهر چوان ٿو تہ) تو تي خرابي هجي، پوءِ تو تي خرابي هجي (٣٥). انسان (ائين) ڀانئي ٿو ڇا تہ (کيس) بيڪار ڇڏي ڏبو؟ (٣٦). (اُهو) منيءَ جو ٽيپو نہ هو ڇا جو (ماءُ جي ڳهڻ ۾) اڇليو ٿي ويو (٣٧). وري (رت جو) دڳ هو، پوءِ الله (ان کي) بڻايو ۽ (اُن کي) سنئين لڳين ڪيائين (٣٨). پوءِ منيءَ مان ٻہ جنسون نر ۽ مادي بڻايائين (٣٩). اِهو الله هن (ڳالهہ) تي وس وارو نہ آهي ڇا جو مئن کي جِيئاري؟ (٤٠).

# سُوْرَةُ الدَّهْرِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

هَلْ اَتٰى عَلَى الْاِنْسَانِ حِيْنٌ مِّنَ الدَّهْرِ لَمْ يَكُنْ شَيْـًٔا مَّذْكُوْرًا ﴿١﴾

اِنَّا خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنْ نُّطْفَةٍ اَمْشَاجٍ ۖ نَّبْتَلِيْهِ فَجَعَلْنٰهُ

سَمِيْعًا بَصِيْرًا ﴿٢﴾ اِنَّا هَدَيْنٰهُ السَّبِيْلَ اِمَّا شَاكِرًا وَّ اِمَّا

كَفُوْرًا ﴿٣﴾ اِنَّاۤ اَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ سَلٰسِلَا۠ وَ اَغْلٰلًا وَّسَعِيْرًا ﴿٤﴾

اِنَّ الْاَبْرَارَ يَشْرَبُوْنَ مِنْ كَاْسٍ كَانَ مِزَاجُهَا كَافُوْرًا ﴿٥﴾

عَيْنًا يَّشْرَبُ بِهَا عِبَادُ اللّٰهِ يُفَجِّرُوْنَهَا تَفْجِيْرًا ﴿٦﴾ يُوْفُوْنَ

بِالنَّذْرِ وَ يَخَافُوْنَ يَوْمًا كَانَ شَرُّهٗ مُسْتَطِيْرًا ﴿٧﴾ وَ يُطْعِمُوْنَ

الطَّعَامَ عَلٰى حُبِّهٖ مِسْكِيْنًا وَّ يَتِيْمًا وَّ اَسِيْرًا ﴿٨﴾ اِنَّمَا نُطْعِمُكُمْ

لِوَجْهِ اللّٰهِ لَا نُرِيْدُ مِنْكُمْ جَزَآءً وَّ لَا شُكُوْرًا ﴿٩﴾ اِنَّا نَخَافُ مِنْ

رَّبِّنَا يَوْمًا عَبُوْسًا قَمْطَرِيْرًا ﴿١٠﴾ فَوَقٰىهُمُ اللّٰهُ شَرَّ ذٰلِكَ الْيَوْمِ وَ

لَقّٰىهُمْ نَضْرَةً وَّ سُرُوْرًا ﴿١١﴾ وَ جَزٰىهُمْ بِمَا صَبَرُوْا جَنَّةً وَّ حَرِيْرًا ﴿١٢﴾

مُّتَّكِـِٕيْنَ فِيْهَا عَلَى الْاَرَآئِكِ ۚ لَا يَرَوْنَ فِيْهَا شَمْسًا وَّ لَا

زَمْهَرِيْرًا ﴿١٣﴾ وَ دَانِيَةً عَلَيْهِمْ ظِلٰلُهَا وَ ذُلِّلَتْ قُطُوْفُهَا تَذْلِيْلًا ﴿١٤﴾

سورة الدهر مکي آهي ۽ هن ۾ ايکٽيھ آيتون ۽ ٻہ رکوع آهن.

اللہ ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

ڪڏهن انسان تي زماني مان هڪ (اهڙو) وقت گذري چڪو آهي، جو (هو اهڙي) ڪا شيءِ نہ هو جا يادگيريءَ ۾ اچي (١). بيشڪ اسان ماڻهوءَ کي هڪڙي (گهڻن جزن سان) گڏيل نطفي مان پيدا ڪيو تہ ان کي پرکيون، پوءِ کيس ٻڌندڙ ڏسندڙ ڪيوسون (٢). بيشڪ اسان کيس سڌو دڳ ڏسيو، (هاڻي هو) شڪر ڪندڙ ٿئي يا بي شڪر (٣). بيشڪ اسان ڪافرن لاءِ زنجير ۽ ڳٽ ۽ ٻرندڙ باھ تيار ڪئي آهي (۴). بيشڪ نيڪ بخت ٻانها (اُنهيءَ شراب جي) پيالي مان پيئندا، جنهن جي ملاوت ڪافور (جي چشمي جي پاڻيءَ) جي هوندي (٥). اُهو هڪ چشمو آهي، جنهن مان اللہ جا (پيارا) ٻانها پيئندا، جنهن کي چڱيءَ طرح وهائيندا (٦). (جي اللہ جي) باسيل باس پوري ڪندا آهن ۽ ان ڏينهن کان ڊڄندا آهن، جنهن جي بڇڙائي (هر طرف) پڌري هوندي (٧). ۽ طعام جي (کين) ضرورت هوندي بہ محتاج ۽ يتيم ۽ قيديءَ کي کارائيندا آهن (٨). (۽ چوندا آهن تہ) اسين تہ اوهان کي اللہ جي راضپي واسطي کارائيندا آهيون، اوهان کان نہ ڪو بدلو ۽ نہ ڪا شڪر گذاري گهرندا آهيون (٩). بيشڪ اسين پنهنجي پالڻهار کان هڪ ڏکئي ڏينهن کان ڊڄندا آهيون، جو تمام سخت آهي (١٠). پوءِ اللہ اُن ڏينهن جي شر کان کين بچايو ۽ انهن کي تازگي ۽ خوشي پهچائي (١١). ۽ سندن صبر ڪرڻ سببان باغ ۽ پَٽ (جو ويس) کين بدلو ڏنائين (١٢). اُن (باغ) ۾ پلنگن تي ٽيڪ ڏئي ويهندا. اُتي نہ ڪي سج جي اُتت ۽ نہ ڪي ڪا سخت سردي ڏسندا (١٣). ۽ ان (باغ) جون ڇانئون مٿن ويجهيون ٿيل هونديون ۽ ان جا ميوا (پٽڻ ۾) چڱيءَ طرح (لڙڪائي) ويجها ڪبا (١۴).

وَيُطَافُ عَلَيۡهِمۡ بِاٰنِيَةٍ مِّنۡ فِضَّةٍ وَّاَكۡوَابٍ كَانَتۡ قَوَارِيۡرَا۠ ﴿١٥﴾ لا
قَوَارِيۡرَا۠ مِنۡ فِضَّةٍ قَدَّرُوۡهَا تَقۡدِيۡرًا ﴿١٦﴾ وَيُسۡقَوۡنَ فِيۡهَا كَاۡسًا
كَانَ مِزَاجُهَا زَنۡجَبِيۡلًا ﴿١٧﴾ ج عَيۡنًا فِيۡهَا تُسَمّٰى سَلۡسَبِيۡلًا ﴿١٨﴾ وَيَطُوۡفُ
عَلَيۡهِمۡ وِلۡدَانٌ مُّخَلَّدُوۡنَ ۚ اِذَا رَاَيۡتَهُمۡ حَسِبۡتَهُمۡ لُؤۡلُؤًا
مَّنۡثُوۡرًا ﴿١٩﴾ وَاِذَا رَاَيۡتَ ثَمَّ رَاَيۡتَ نَعِيۡمًا وَّمُلۡكًا كَبِيۡرًا ﴿٢٠﴾
عٰلِيَهُمۡ ثِيَابُ سُنۡدُسٍ خُضۡرٌ وَّاِسۡتَبۡرَقٌ ۫ وَّحُلُّوۡۤا اَسَاوِرَ
مِنۡ فِضَّةٍ ۚ وَسَقٰهُمۡ رَبُّهُمۡ شَرَابًا طَهُوۡرًا ﴿٢١﴾ اِنَّ هٰذَا كَانَ
لَكُمۡ جَزَآءً وَّكَانَ سَعۡيُكُمۡ مَّشۡكُوۡرًا ﴿٢٢﴾ ع اِنَّا نَحۡنُ نَزَّلۡنَا عَلَيۡكَ
الۡقُرۡاٰنَ تَنۡزِيۡلًا ﴿٢٣﴾ ج فَاصۡبِرۡ لِحُكۡمِ رَبِّكَ وَلَا تُطِعۡ مِنۡهُمۡ اٰثِمًا
اَوۡ كَفُوۡرًا ﴿٢٤﴾ ج وَاذۡكُرِ اسۡمَ رَبِّكَ بُكۡرَةً وَّاَصِيۡلًا ﴿٢٥﴾ صلے وَمِنَ الَّيۡلِ
فَاسۡجُدۡ لَهٗ وَسَبِّحۡهُ لَيۡلًا طَوِيۡلًا ﴿٢٦﴾ اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ يُحِبُّوۡنَ
الۡعَاجِلَةَ وَيَذَرُوۡنَ وَرَآءَهُمۡ يَوۡمًا ثَقِيۡلًا ﴿٢٧﴾ نَحۡنُ خَلَقۡنٰهُمۡ
وَشَدَدۡنَاۤ اَسۡرَهُمۡ ۚ وَاِذَا شِئۡنَا بَدَّلۡنَاۤ اَمۡثَالَهُمۡ تَبۡدِيۡلًا ﴿٢٨﴾
اِنَّ هٰذِهٖ تَذۡكِرَةٌ ۚ فَمَنۡ شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰى رَبِّهٖ سَبِيۡلًا ﴿٢٩﴾ وَمَا
تَشَآءُوۡنَ اِلَّاۤ اَنۡ يَّشَآءَ اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيۡمًا حَكِيۡمًا ﴿٣٠﴾ ق وصلے

۽ چانديءَ جي ٿانوَن ۽ پيالن سان وٽن اچ وڃ ٿيندي، جي شيشن وانگر هوندا (١٥). (پر) شيشا (بہ) چانديءَ جا جن کي انهن (پيارينڌڙن) پوري اندازي سان ٺهرايو آهي (١٦). ۽ اتي کين شراب جا پيالا پياربا، جنهن (جي پاڻيءَ) جي ملاوت سُنڍ (جي چشمي) جي هوندي (١٧). اُتي اُهو هڪ چشمو آهي، جنهن جو سلسبيل نالو رکيو ٿو وڃي (١٨). ۽ وٽن هميشہ رهندڙ نينگر پيا گهمندا ڦرندا (اي ڏسندڙ!) جڏهن انهن کي ڏسندين (تڏهن) انهن کي کنديل موتي پيو پائيندين (١٩). ۽ جڏهن اُتي نهاريندين (تڏهن) اَڻ کٽ نعمت ۽ وڏي بادشاهي پيو ڏسندين (٢٠). مٿائن سنهي سائي پٽ جا ۽ ٿلهي پٽ جا ڪپڙا هوندا ۽ چانديءَ جا ڪنگڻ کين پارايا ويندا ۽ سندن پالڻھار کين تمام پاڪ شراب پياريندو (٢١). (چيو ويندن تہ) بيشڪ اهو اوهان (جي عملن) جو بدلو آهي ۽ اوهان جي محنت قبول ڪيل آهي (٢٢). بيشڪ اسان تو تي قرآن درجي بدرجي لاٿو (٢٣). پوءِ پنهنجي پالڻھار جي حڪم (اچڻ) تائين صبر ڪر ۽ انهن (ماڻهن) مان ڪنهن گنهگار يا بي شڪر جو چيو نہ مڃ (٢٤). ۽ پنهنجي پالڻھار جو نالو صبح ۽ سانجهيءَ ياد ڪر (٢٥). ۽ ڪجهہ (وقت) رات ۾ ان لاءِ نماز پڙهہ ۽ گهڻي رات سندس پاڪائي ساراهہ (٢٦). بيشڪ اِهي (ڪافر) دنيا کي پيارو رکندا آهن ۽ ڳري ڏينهن کي پنهنجي پٺيان ڦٽو ڪندا آهن (٢٧). اسان کين پيدا ڪيو ۽ سندس سَنڌ پختا ڪياسون ۽ جيڪڏهن گهرون (تہ) انهن جهڙا ٻيا عيوض ۾ مٽائي آڻيون (٢٨). بيشڪ اِها نصيحت آهي، پوءِ جيڪو گهري سو پنهنجي پالڻھار ڏانهن واٽ وٺي (٢٩). ۽ اوهين نہ گهرندؤ، مگر اُهو جيڪي الله گهري، ڇوتہ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (٣٠).

يُّدْخِلُ مَنْ يَّشَآءُ فِىْ رَحْمَتِهٖ ؕ وَالظّٰلِمِيْنَ اَعَدَّ لَهُمْ
عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿۳۱﴾

## سُوْرَةُ الْمُرْسَلَاتِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

وَالْمُرْسَلٰتِ عُرْفًا ۙ﴿۱﴾ فَالْعٰصِفٰتِ عَصْفًا ۙ﴿۲﴾ وَّالنّٰشِرٰتِ
نَشْرًا ۙ﴿۳﴾ فَالْفٰرِقٰتِ فَرْقًا ۙ﴿۴﴾ فَالْمُلْقِيٰتِ ذِكْرًا ۙ﴿۵﴾ عُذْرًا اَوْ
نُذْرًا ۙ﴿۶﴾ اِنَّمَا تُوْعَدُوْنَ لَوَاقِعٌ ؕ﴿۷﴾ فَاِذَا النُّجُوْمُ طُمِسَتْ ۙ﴿۸﴾ وَ
اِذَا السَّمَآءُ فُرِجَتْ ۙ﴿۹﴾ وَاِذَا الْجِبَالُ نُسِفَتْ ۙ﴿۱۰﴾ وَاِذَا الرُّسُلُ
اُقِّتَتْ ؕ﴿۱۱﴾ لِاَىِّ يَوْمٍ اُجِّلَتْ ؕ﴿۱۲﴾ لِيَوْمِ الْفَصْلِ ۚ﴿۱۳﴾ وَمَآ اَدْرٰىكَ
مَا يَوْمُ الْفَصْلِ ؕ﴿۱۴﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿۱۵﴾ اَلَمْ
نُهْلِكِ الْاَوَّلِيْنَ ؕ﴿۱۶﴾ ثُمَّ نُتْبِعُهُمُ الْاٰخِرِيْنَ ﴿۱۷﴾ كَذٰلِكَ
نَفْعَلُ بِالْمُجْرِمِيْنَ ﴿۱۸﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿۱۹﴾ اَلَمْ
نَخْلُقْكُّمْ مِّنْ مَّآءٍ مَّهِيْنٍ ۙ﴿۲۰﴾ فَجَعَلْنٰهُ فِىْ قَرَارٍ مَّكِيْنٍ ۙ﴿۲۱﴾
اِلٰى قَدَرٍ مَّعْلُوْمٍ ۙ﴿۲۲﴾ فَقَدَرْنَا ۖ فَنِعْمَ الْقٰدِرُوْنَ ﴿۲۳﴾ وَيْلٌ
يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿۲۴﴾ اَلَمْ نَجْعَلِ الْاَرْضَ كِفَاتًا ۙ﴿۲۵﴾

جنهن کي گهري (تنهن کي) پنهنجيءَ رحمت ۾ داخل ٿو ڪري ۽ ظالمن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيو اٿس (٣١).

سورة المرسلات مکي آهي ۽ هن ۾ پنجاهه آيتون ۽ به رڪوع آهن.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

وٺندڙن لڳندڙن هيرُن جو قسم آهي (١). پوءِ زور سان لڳڻ وارن وائن جو قسم آهي (٢). ۽ (ڪڪرن کي) کڻندڙن پکيڙيندڙن وائن جو قسم آهي (٣). پوءِ (ڪڪرن کي) هڪ ٻئي کان جدا ڪندڙن وائن جو قسم آهي (۴). پوءِ وحي آڻيندڙ ملائڪن جو قسم آهي (٥). (جي) عذر وڃائڻ لاءِ يا ڊيڄارڻ لاءِ (وحي آڻيندا آهن) (٦). ته بيشڪ جنهن (ڳالهه) جو اوهان کي انجام ڏجي ٿو، سا ضرور ٿيڻي آهي (٧). پوءِ جڏهن تارا ميٽي ڇڏبا (٨). ۽ جڏهن آسمان چيربو (٩). ۽ جڏهن جبل اُڏائبا (١٠). ۽ جڏهن پيغمبر (نهرايل وقت تي) گڏ ڪبا (١١). (تڏهن ثابت ٿيندو ته پيغمبرن کي) ڪهڙي ڏينهن لاءِ ترسايو ويو؟ (١٢). فيصلي جي ڏينهن لاءِ (١٣). ۽ تو کي ڪهڙيءَ شيءِ ڄاڻايو ته فيصلي جو ڏينهن ڇا آهي؟ (١۴). اُن ڏينهن ڪوڙ ڀائيندڙن لاءِ ويل آهي (١٥). پهرين کي هلاڪ نه ڪيو اٿئون ڇا؟ (١٦). وري (اُن کان پوءِ) پوين کي انهن جي پٺيان آڻيندا آهيون (١٧). ائين ڏوهارين سان ڪندا آهيون (١٨). اُن ڏينهن ڪوڙ ڀائيندڙن لاءِ ويل آهي (١٩). اوهان کي خسيس پاڻيءَ مان نه بڻايو اٿئون ڇا؟ (٢٠). پوءِ اُن (پاڻيءَ) کي هڪ پختي هنڌ ۾ رکيوسون (٢١). هڪ مقرر وقت تائين (٢٢). پوءِ (ڪيس) پورو بڻاسون جو (اسين) چڱي سگهه وارا آهيون (٢٣). اُن ڏينهن ڪوڙ ڀائيندڙن لاءِ ويل آهي (٢۴). زمين کي ماپائڻ واري نه ڪيو اٿئون ڇا؟ (٢٥).

اَحۡيَآءً وَّ اَمۡوَاتًا ﴿۲۶﴾ وَّجَعَلۡنَا فِيۡهَا رَوَاسِىَ شٰمِخٰتٍ وَّ
اَسۡقَيۡنٰكُمۡ مَّآءً فُرَاتًا ﴿۲۷﴾ وَيۡلٌ يَّوۡمَئِذٍ لِّلۡمُكَذِّبِيۡنَ ﴿۲۸﴾
اِنۡطَلِقُوۡۤا اِلٰى مَا كُنۡتُمۡ بِهٖ تُكَذِّبُوۡنَ ﴿۲۹﴾ اِنۡطَلِقُوۡۤا اِلٰى ظِلٍّ
ذِىۡ ثَلٰثِ شُعَبٍ ﴿۳۰﴾ لَّا ظَلِيۡلٍ وَّلَا يُغۡنِىۡ مِنَ اللَّهَبِ ﴿۳۱﴾
اِنَّهَا تَرۡمِىۡ بِشَرَرٍ كَالۡقَصۡرِ ﴿۳۲﴾ كَاَنَّهٗ جِمٰلَتٌ صُفۡرٌ ﴿۳۳﴾ وَيۡلٌ
يَّوۡمَئِذٍ لِّلۡمُكَذِّبِيۡنَ ﴿۳۴﴾ هٰذَا يَوۡمُ لَا يَنۡطِقُوۡنَ ﴿۳۵﴾ وَلَا
يُؤۡذَنُ لَهُمۡ فَيَعۡتَذِرُوۡنَ ﴿۳۶﴾ وَيۡلٌ يَّوۡمَئِذٍ لِّلۡمُكَذِّبِيۡنَ ﴿۳۷﴾
هٰذَا يَوۡمُ الۡفَصۡلِ ۚ جَمَعۡنٰكُمۡ وَالۡاَوَّلِيۡنَ ﴿۳۸﴾ فَاِنۡ كَانَ لَكُمۡ
كَيۡدٌ فَكِيۡدُوۡنِ ﴿۳۹﴾ وَيۡلٌ يَّوۡمَئِذٍ لِّلۡمُكَذِّبِيۡنَ ﴿۴۰﴾ اِنَّ
الۡمُتَّقِيۡنَ فِىۡ ظِلٰلٍ وَّعُيُوۡنٍ ﴿۴۱﴾ وَّفَوَاكِهَ مِمَّا يَشۡتَهُوۡنَ ﴿۴۲﴾
كُلُوۡا وَاشۡرَبُوۡا هَنِيۡٓــًٔا بِمَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ﴿۴۳﴾ اِنَّا كَذٰلِكَ
نَجۡزِى الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿۴۴﴾ وَيۡلٌ يَّوۡمَئِذٍ لِّلۡمُكَذِّبِيۡنَ ﴿۴۵﴾ كُلُوۡا
وَتَمَتَّعُوۡا قَلِيۡلًا اِنَّكُمۡ مُّجۡرِمُوۡنَ ﴿۴۶﴾ وَيۡلٌ يَّوۡمَئِذٍ
لِّلۡمُكَذِّبِيۡنَ ﴿۴۷﴾ وَاِذَا قِيۡلَ لَهُمُ ارۡكَعُوۡا لَا يَرۡكَعُوۡنَ ﴿۴۸﴾ وَيۡلٌ
يَّوۡمَئِذٍ لِّلۡمُكَذِّبِيۡنَ ﴿۴۹﴾ فَبِاَىِّ حَدِيۡثٍۢ بَعۡدَهٗ يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۵۰﴾

(جو) جيئرن ۽ مئن کي (ماپائي) (٢٦). ۽ زمين ۾ وڏا پڪا جبل (پيدا) ڪيا سون ۽ اوهان کي مٺو پاڻي پياريوسون (٢٧). اُن ڏينهن ڪوڙ ڀائيندڙن لاءِ ويل آهي (٢٨). (چيو ويندو ته هاڻي) جنهن (دوزخ) کي اوهين ڪوڙ ڀائيندا هيؤ، تنهن ڏانهن هلو (٢٩). (چئبن ته) ٽن شاخن واريءَ ڇانوَ ڏانهن هلي پئو (٣٠). نه ٿڌي (ڇانوَ) هوندي ۽ نه (باهه جي) تَوَ کان بچائيندي (٣١). بيشڪ اُها (باهه) ماڙيءَ جيڏيون چڻنگون اُڇليندي آهي (٣٢). ڄڻ ته اُهي هيڊا اُٺ آهن (٣٣). اُن ڏينهن ڪوڙ ڀائيندڙن لاءِ ويل آهي (٣٤). اِهو ڏينهن اُهو آهي جنهن ۾ نه ڳالهائيندا (٣٥). ۽ نڪي کين موڪل ڏبي ته (ڪو) عذر (بيان) ڪن (٣٦). اُن ڏينهن ڪوڙ ڀائيندڙن لاءِ ويل آهي (٣٧). هيءُ فيصلي جو ڏينهن آهي. اوهان کي ۽ اڳين کي گڏ ڪيوسون (٣٨). پوءِ جيڪڏهن اوهان کي ڪا بچڙي رٿ ڪرڻي آهي ته منهنجي حق ۾ رٿيو (٣٩). اُن ڏينهن ڪوڙ ڀائيندڙن لاءِ ويل آهي (٤٠). بيشڪ پرهيزگار ڇانوَن ۽ چشمن ۾ هوندا (٤١). ۽ جنهن جنس مان گهرندا (تنهن جنس جي) ميون ۾ هوندا (٤٢). (چئبن ته) (چڱا) ڪم ڪندا هيؤ، تنهن ڪري خوش ٿي کائو ۽ پيئو (٤٣). بيشڪ اسين نيڪن کي ائين بدلو ڏيندا آهيون (٤٤). اُن ڏينهن ڪوڙ ڀائيندڙن لاءِ ويل آهي (٤٥). (اي ڪوڙ ڀائيندڙؤ! دنيا ۾) ٿوري دير کائي وٺو ۽ مزا ماڻي وٺو، بيشڪ اوهين ڏوهاري آهيو (٤٦). اُن ڏينهن ڪوڙ ڀائيندڙن لاءِ ويل آهي (٤٧). ۽ جڏهن کين چئجي ته نماز پڙهو (تڏهن) نماز نه پڙهندا آهن (٤٨). اُن ڏينهن ڪوڙ ڀائيندڙن لاءِ ويل آهي (٤٩). پوءِ ان (قرآن) کانپوءِ ڪهڙيءَ ڳالهه سان ايمان آڻيندا؟ (٥٠).

# سُوْرَةُ النَّبَاِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

عَمَّ يَتَسَآءَلُوْنَ ۚ (۱) عَنِ النَّبَاِ الْعَظِيْمِ ۙ (۲) الَّذِيْ هُمْ
فِيْهِ مُخْتَلِفُوْنَ ؕ (۳) كَلَّا سَيَعْلَمُوْنَ ۙ (۴) ثُمَّ كَلَّا سَيَعْلَمُوْنَ (۵) اَلَمْ
نَجْعَلِ الْاَرْضَ مِهٰدًا ۙ (۶) وَّ الْجِبَالَ اَوْتَادًا ۙ (۷) وَّ خَلَقْنٰكُمْ
اَزْوَاجًا ۙ (۸) وَّ جَعَلْنَا نَوْمَكُمْ سُبَاتًا ۙ (۹) وَّ جَعَلْنَا الَّيْلَ لِبَاسًا ۙ (۱۰)
وَّ جَعَلْنَا النَّهَارَ مَعَاشًا ۪ (۱۱) وَّ بَنَيْنَا فَوْقَكُمْ سَبْعًا شِدَادًا ۙ (۱۲) وَّ
جَعَلْنَا سِرَاجًا وَّهَّاجًا ۙ (۱۳) وَّ اَنْزَلْنَا مِنَ الْمُعْصِرٰتِ مَآءً
ثَجَّاجًا ۙ (۱۴) لِّنُخْرِجَ بِهٖ حَبًّا وَّ نَبَاتًا ۙ (۱۵) وَّ جَنّٰتٍ اَلْفَافًا ؕ (۱۶) اِنَّ
يَوْمَ الْفَصْلِ كَانَ مِيْقَاتًا ۙ (۱۷) يَّوْمَ يُنْفَخُ فِي الصُّوْرِ
فَتَاْتُوْنَ اَفْوَاجًا ۙ (۱۸) وَّ فُتِحَتِ السَّمَآءُ فَكَانَتْ اَبْوَابًا ۙ (۱۹) وَّ
سُيِّرَتِ الْجِبَالُ فَكَانَتْ سَرَابًا ؕ (۲۰) اِنَّ جَهَنَّمَ كَانَتْ
مِرْصَادًا ۙ (۲۱) لِّلطّٰغِيْنَ مَاٰبًا ۙ (۲۲) لّٰبِثِيْنَ فِيْهَآ اَحْقَابًا ۚ (۲۳)
لَا يَذُوْقُوْنَ فِيْهَا بَرْدًا وَّ لَا شَرَابًا ۙ (۲۴) اِلَّا حَمِيْمًا وَّ غَسَّاقًا ۙ (۲۵)
جَزَآءً وِّفَاقًا ؕ (۲۶) اِنَّهُمْ كَانُوْا لَا يَرْجُوْنَ حِسَابًا ۙ (۲۷)

سورة النبا مكي آهي ۽ هن ۾ چاليهه
آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

اللہ ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

ڪهڙيءَ ڳالهه بابت هڪ ٻئي کان پڇن ٿا؟ (١). (هائو!) هڪڙي اهڙي وڏي واقعي بابت (٢). جنهن (جي ٿيڻ) ۾ اُهي (پاڻ ۾) مختلف آهن (٣). ائين (سندن خيالن وانگر) نه آهي، سگهوئي ڄاڻندا (۴). وري به (چؤن ٿا ته) ائين نه آهي، سگهوئي ڄاڻندا (٥). زمين کي وڇاڻو نه ڪيو اٿئون ڇا؟ (٦). ۽ جبلن کي ميخون؟ (٧). ۽ اوهان کي جوڙو جوڙو (نر ۽ مادي) بڻايوسون (٨). ۽ اوهان جي ننڊ کي فرحت بڻايوسون (٩). ۽ رات کي ڍڪ ڪيوسون (١٠). ۽ ڏينهن کي گذارن (جو وقت) ڪيوسون (١١). ۽ اوهان جي مٿان ست مضبوط (آسمان) بڻاياسون (١٢). ۽ هڪ چمڪندڙ ڏيئو (سج) بڻايوسون (١٣). ۽ ڪڪرن مان ريلا ڪري وهندڙ پاڻي وسايوسون (١۴). ته اُن سان اَن ۽ سَلا ڄمايون (١٥). ۽ گهاٽا باغ (به) (١٦). (اها قدرت ڏسي سمجهندا نه آهن ته) بيشڪ فيصلي جو ڏينهن هڪ مقرر مهل آهي (١٧). جنهن ڏينهن صور ۾ ڦوڪبو (تنهن ڏينهن اوهين) ٽوليون ٽوليون ٿي ايندؤ (١٨). ۽ آسمان کولبو، پوءِ (اهو) دروازا ٿي پوندو (١٩). ۽ جبل (دز ڪري) هلائبا، پوءِ رڃ وانگر ٿيندا (٢٠). بيشڪ دوزخ انتظار ڪرڻ وارو آهي (٢١). جو هٺيلن جو (اهوئي) رهڻ جو هنڌ آهي (٢٢). منجهس ڪيئي (زمانا) ڍگهيون مدتون رهندا (٢٣). اُن ۾ نڪا ٿڌائي ۽ نڪا پيئڻ جي شيءِ چکندا (٢۴). ٿتي پاڻيءَ ۽ روڳ کان سواءِ (٢٥). (اهو سندن) پورو پورو بدلو آهي (٢٦). ڇو ته اُهي حساب ڏيڻ جي اميد نه رکندا هيا (٢٧).

وَّكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا كِذَّابًا ﴿٢٨﴾ وَكُلَّ شَيْءٍ اَحْصَيْنٰهُ كِتٰبًا ﴿٢٩﴾
فَذُوْقُوْا فَلَنْ نَّزِيْدَكُمْ اِلَّا عَذَابًا ﴿٣٠﴾ اِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ مَفَازًا ﴿٣١﴾
حَدَآئِقَ وَاَعْنَابًا ﴿٣٢﴾ وَّكَوَاعِبَ اَتْرَابًا ﴿٣٣﴾ وَّكَاْسًا دِهَاقًا ﴿٣٤﴾
لَا يَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا وَّلَا كِذّٰبًا ﴿٣٥﴾ جَزَآءً مِّنْ رَّبِّكَ عَطَآءً
حِسَابًا ﴿٣٦﴾ رَّبِّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا الرَّحْمٰنِ
لَا يَمْلِكُوْنَ مِنْهُ خِطَابًا ﴿٣٧﴾ يَوْمَ يَقُوْمُ الرُّوْحُ وَالْمَلٰٓئِكَةُ
صَفًّا ۙ لَّا يَتَكَلَّمُوْنَ اِلَّا مَنْ اَذِنَ لَهُ الرَّحْمٰنُ وَقَالَ صَوَابًا ﴿٣٨﴾
ذٰلِكَ الْيَوْمُ الْحَقُّ ۚ فَمَنْ شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰى رَبِّهٖ مَاٰبًا ﴿٣٩﴾ اِنَّآ
اَنْذَرْنٰكُمْ عَذَابًا قَرِيْبًا ۚ يَّوْمَ يَنْظُرُ الْمَرْءُ مَا قَدَّمَتْ يَدٰهُ
وَيَقُوْلُ الْكٰفِرُ يٰلَيْتَنِيْ كُنْتُ تُرٰبًا ﴿٤٠﴾

## سُوْرَةُ النّٰزِعٰتِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

وَالنّٰزِعٰتِ غَرْقًا ﴿١﴾ وَّالنّٰشِطٰتِ نَشْطًا ﴿٢﴾ وَّالسّٰبِحٰتِ سَبْحًا ﴿٣﴾
فَالسّٰبِقٰتِ سَبْقًا ﴿٤﴾ فَالْمُدَبِّرٰتِ اَمْرًا ﴿٥﴾ يَوْمَ تَرْجُفُ
الرَّاجِفَةُ ﴿٦﴾ تَتْبَعُهَا الرَّادِفَةُ ﴿٧﴾ قُلُوْبٌ يَّوْمَئِذٍ وَّاجِفَةٌ ﴿٨﴾

۽ اسان جي حڪمن کي بلڪل ڪوڙا ڀائيندا هئا (٢٨). ۽ سڀ شيءِ کي لکي ڳڻي ڇڏيو اٿون (٢٩). پوءِ (چئبن ته اِها سزا) چکو جو عذاب کان سواءِ اوهان تي (ٻيو) ڪجهه (ٻ) نه وڌائيندا سون (٣٠). بيشڪ پرهيزگارن لاءِ ڪاميابي آهي (٣١). جو باغ ۽ انگور (٣٢). ۽ همر عمر نوجوان زالون (٣٣). ۽ شراب جا ڇلڪندڙ پيالا (هوندا) (٣٤). اُتي نه ڪا اجائي بڪ ۽ نه ڪو ڪوڙ ٻڌندا (٣٥). (اهو پورو) بدلو تنهنجي پالڻهار کان انعام عطا ڪيل حساب روءِ آهي (٣٦). جو آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪي ٻنهي جي وچ ۾ آهي، تنهن جو ٻه ٻاجهارو پالڻهار آهي، ان (جي هيبت) کان ڪوبه ورندي ڏئي نه سگهندو (٣٧). جنهن ڏينهن روح (جبريل) ۽ (سڀيئي) ملائڪ صفون ٻڌي بيهندا، (تنهن ڏينهن) جنهن کي ٻاجهاري (الله) موڪل ڏني هوندي ۽ صحيح ڳالهه ڳالهائي هوندائين، تنهن کان سواءِ (ٻيا ڪي ٻ) نه ڳالهائيندا (٣٨). اهو ڏينهن سچ پچ (ٺيٺو) آهي، تنهن ڪري جيڪو گهري سو پنهنجي پالڻهار ڏانهن (پنهنجي) رهڻ جو هنڌ ناهي (٣٩). بيشڪ اسان اوهان کي ويجهي عذاب (اچڻ) کان ڊيڄاري ڇڪاسون، جنهن ڏينهن ماڻهو اهو ڏسندو جيڪي سندس ٻنهي هٿن اڳي ڪري موڪليو هو ۽ ڪافر چوندو ته هَئِه اَرمان! جيڪر آءٌ مٽي هجان ها (ته چڱو) (٤٠).

**سورة النازعات مڪي آهي ۽ هن ۾ ڇائيتاليه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.**

**الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)**

اندر گهڙي (ساهه) ڇڪي آڻيندڙن (ملائڪن) جو قسم آهي (١). ۽ ڪولي آسانيءَ سان (ساهه جي) ڳنڍ ڇوڙيندڙن جو قسم آهي (٢). ۽ چڱيءَ طرح سان تَرندڙن جو قسم آهي (٣). پوءِ ڊوڙي اڳرائي ڪندڙن جو قسم آهي (٤). پوءِ (سڀ) ڪم جي رٿيندڙن (ملائڪن جي) ٽولين جو قسم آهي (٥). ته جنهن ڏينهن ڌٻڻ واري ڌٻندي (٦). اُن کي پنيان لڳندڙ (ٻيو ڌوڏو) پنيان لڳندو (٧). تنهن ڏينهن ڪيترين ئي دليون ڏڪي وڃڻ واريون هونديون (٨).

اَبۡصَارُهَا خَاشِعَةٌ ﴿٩﴾ يَقُوۡلُوۡنَ ءَاِنَّا لَمَرۡدُوۡدُوۡنَ فِى الۡحَافِرَةِ ﴿١٠﴾ؕ
ءَاِذَا كُنَّا عِظَامًا نَّخِرَةً ﴿١١﴾ؕ قَالُوۡا تِلۡكَ اِذًا كَرَّةٌ خَاسِرَةٌ ﴿١٢﴾ۘ
فَاِنَّمَا هِىَ زَجۡرَةٌ وَّاحِدَةٌ ﴿١٣﴾ۙ فَاِذَا هُمۡ بِالسَّاهِرَةِ ﴿١٤﴾ؕ هَلۡ اَتٰٮكَ
حَدِيۡثُ مُوۡسٰى ﴿١٥﴾ۘ اِذۡ نَادٰٮهُ رَبُّهٗ بِالۡوَادِ الۡمُقَدَّسِ طُوًى ﴿١٦﴾ۚ
اِذۡهَبۡ اِلٰى فِرۡعَوۡنَ اِنَّهٗ طَغٰى ﴿١٧﴾ۖ فَقُلۡ هَلۡ لَّكَ اِلٰۤى اَنۡ
تَزَكّٰى ﴿١٨﴾ۙ وَاَهۡدِيَكَ اِلٰى رَبِّكَ فَتَخۡشٰى ﴿١٩﴾ۚ فَاَرٰٮهُ الۡاٰيَةَ
الۡكُبۡرٰى ﴿٢٠﴾ۖ فَكَذَّبَ وَعَصٰى ﴿٢١﴾ۖ ثُمَّ اَدۡبَرَ يَسۡعٰى ﴿٢٢﴾ۖ فَحَشَرَ ۫
فَنَادٰى ﴿٢٣﴾ۖ فَقَالَ اَنَا رَبُّكُمُ الۡاَعۡلٰى ﴿٢٤﴾ۖ فَاَخَذَهُ اللّٰهُ نَكَالَ
الۡاٰخِرَةِ وَالۡاُوۡلٰى ﴿٢٥﴾ؕ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَعِبۡرَةً لِّمَنۡ يَّخۡشٰى ﴿٢٦﴾ؕ ءَاَنۡتُمۡ
اَشَدُّ خَلۡقًا اَمِ السَّمَآءُ ؕ بَنٰٮهَا ﴿٢٧﴾ رَفَعَ سَمۡكَهَا فَسَوّٰٮهَا ﴿٢٨﴾ۙ وَ
اَغۡطَشَ لَيۡلَهَا وَاَخۡرَجَ ضُحٰٮهَا ﴿٢٩﴾ وَالۡاَرۡضَ بَعۡدَ ذٰلِكَ
دَحٰٮهَا ﴿٣٠﴾ؕ اَخۡرَجَ مِنۡهَا مَآءَهَا وَمَرۡعٰٮهَا ﴿٣١﴾ وَالۡجِبَالَ اَرۡسٰٮهَا ﴿٣٢﴾ۙ
مَتَاعًا لَّكُمۡ وَلِاَنۡعَامِكُمۡ ﴿٣٣﴾ؕ فَاِذَا جَآءَتِ الطَّآمَّةُ الۡكُبۡرٰى ﴿٣٤﴾ۖ
يَوۡمَ يَتَذَكَّرُ الۡاِنۡسَانُ مَا سَعٰى ﴿٣٥﴾ۙ وَبُرِّزَتِ الۡجَحِيۡمُ
لِمَنۡ يَّرٰى ﴿٣٦﴾ فَاَمَّا مَنۡ طَغٰى ﴿٣٧﴾ۙ وَاٰثَرَ الۡحَيٰوةَ الدُّنۡيَا ﴿٣٨﴾ۙ

اُنهن جون اکيون (خواريءَ سبب) جهڪيون هونديون (٩). (هن ڪري ته) چون ٿا ته اسين پوئين پيرين موٽائباسون ڇا؟ (١٠). ڀلا جڏهن ڀُتا هڏا ٿيندا سون (تڏهن وري جيئنداسون ڇا؟) (١١). چوندا آهن ته اُنهيءَ مهل اهو ڀيهر موٽڻ (وڏو) نقصان وارو آهي (١٢). پوءِ اهو (واقعو) هڪڙي سخت هڪل آهي (١٣). پوءِ اُتي جو اُتي اُهي هڪ پڌري ميدان ۾ حاضر ٿيل هوندا (١٤). (اي پيغمبر!) تو وٽ موسيٰ جي خبر پهتي آهي ڇا؟ (١٥). جڏهن سندس پالڻهار ڪيس پاڪ ميدان طويٰ ۾ سڏيو (١٦). ته فرعون ڏانهن وڃ ڇو ته هو حد کان لنگهيو آهي (١٧). پوءِ (اُن کي) چؤ ته هن ڏانهن (ڪجھ) خيال اٿيئي ته سڌرجين؟ (١٨). ۽ تنهنجي پالڻهار ڏانهن توکي (سڌو) رستو ڏيکاريان ته (تون ان کان) ڊڄين (١٩). پوءِ فرعون کي وڏي نشاني ڏيکاريائين (٢٠). پوءِ (فرعون موسيٰ کي) ڪوڙو ڀانيو ۽ نافرماني ڪيائين (٢١). وري (اُتان) پٺيرو ٿي تکو هلڻ لڳو (٢٢). پوءِ (پنهنجيءَ قوم کي) گڏ ڪيائين، پوءِ پڙهو ڏنائين (٢٣). پوءِ چيائين ته آءٌ اوهان جو تمام مٿاهون رب آهيان (٢٤). پوءِ الله ان کي آخرت ۽ دنيا جي عذاب ۾ پڪڙيو (٢٥). بيشڪ هن (قصي) ۾ انهيءَ لاءِ نصيحت آهي جيڪو ڊڄي (٢٦). ڀلا بڻاوت ۾ وڏيڪ ڏکيا اوهين آهيو يا آسمان؟ جنهن کي الله بڻايو (٢٧). اُن جي ٿوله بلند ڪيائين، پوءِ ان کي برابر بهاريائين (٢٨). ۽ ان جي رات کي اونداهو ڪيائين ۽ ان جو سوجهرو (ڏينهن جو) پڌرو ڪيائين (٢٩). ۽ ان کان پوءِ زمين کي وڇايائين (٣٠). ان مان سندس پاڻي ۽ سندس گاھ ڪڍيائين (٣١). ۽ جبلن کي مضبوط کوڙيائين (٣٢). اوهان جي نفعي لاءِ ۽ اوهان جي ڍورن (جي نفعي) لاءِ (٣٣). پوءِ جڏهن وڏو واقعو (قيامت جو) ايندو (٣٤). اُن ڏينهن ماڻهو اُهو ياد ڪندو، جيڪي (دنيا ۾) ڪمايو هيائين (٣٥). ۽ دوزخ اُنهيءَ لاءِ پڌرو ڪبو جيڪو ڏسڻ گهرندو (٣٦). پوءِ جيڪو حد کان لنگهيو هوندو (٣٧). ۽ هن دنيا جي حياتيءَ کي اختيار ڪيو هوندائين (٣٨).

فَاِنَّ الْجَحِيْمَ هِيَ الْمَاْوٰى ﴿٣٩﴾ وَاَمَّا مَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ وَ
نَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰى ﴿٤٠﴾ فَاِنَّ الْجَنَّةَ هِيَ الْمَاْوٰى ﴿٤١﴾
يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ السَّاعَةِ اَيَّانَ مُرْسٰىهَا ﴿٤٢﴾ فِيْمَ اَنْتَ مِنْ ذِكْرٰىهَا ﴿٤٣﴾
اِلٰى رَبِّكَ مُنْتَهٰىهَا ﴿٤٤﴾ اِنَّمَاۤ اَنْتَ مُنْذِرُ مَنْ يَّخْشٰىهَا ﴿٤٥﴾ كَاَنَّهُمْ
يَوْمَ يَرَوْنَهَا لَمْ يَلْبَثُوْۤا اِلَّا عَشِيَّةً اَوْ ضُحٰىهَا ﴿٤٦﴾

## سُوْرَةُ عَبَسَ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ
عَبَسَ وَتَوَلّٰۤى ﴿١﴾ اَنْ جَآءَهُ الْاَعْمٰى ﴿٢﴾ وَمَا يُدْرِيْكَ لَعَلَّهٗ
يَزَّكّٰۤى ﴿٣﴾ اَوْ يَذَّكَّرُ فَتَنْفَعَهُ الذِّكْرٰى ﴿٤﴾ اَمَّا مَنِ اسْتَغْنٰى ﴿٥﴾
فَاَنْتَ لَهٗ تَصَدّٰى ﴿٦﴾ وَمَا عَلَيْكَ اَلَّا يَزَّكّٰى ﴿٧﴾ وَاَمَّا مَنْ
جَآءَكَ يَسْعٰى ﴿٨﴾ وَهُوَ يَخْشٰى ﴿٩﴾ فَاَنْتَ عَنْهُ تَلَهّٰى ﴿١٠﴾ كَلَّاۤ
اِنَّهَا تَذْكِرَةٌ ﴿١١﴾ فَمَنْ شَآءَ ذَكَرَهٗ ﴿١٢﴾ فِيْ صُحُفٍ مُّكَرَّمَةٍ ﴿١٣﴾
مَّرْفُوْعَةٍ مُّطَهَّرَةٍ ﴿١٤﴾ بِاَيْدِيْ سَفَرَةٍ ﴿١٥﴾ كِرَامٍ بَرَرَةٍ ﴿١٦﴾
قُتِلَ الْاِنْسَانُ مَاۤ اَكْفَرَهٗ ﴿١٧﴾ مِنْ اَيِّ شَيْءٍ خَلَقَهٗ ﴿١٨﴾
مِنْ نُّطْفَةٍ خَلَقَهٗ فَقَدَّرَهٗ ﴿١٩﴾ ثُمَّ السَّبِيْلَ يَسَّرَهٗ ﴿٢٠﴾

تنهن جي جاءِ بيشڪ دوزخ آهي (٣٩). ۽ جيڪو پنهنجي پالڻهار جي (حضور ۾) روبرو بيهڻ جي هنڌ کان ڊنو ۽ نفس کي (هر) خواهش کان جهليائين (٤٠). پوءِ تنهن جي جاءِ بيشڪ بهشت آهي (٤١). (اي پيغمبر!) توکان قيامت بابت پڇن ٿا ته ان جو (واقعو) ٿيڻ ڪڏهن آهي؟ (٤٢). (اي پچندڙ!) اُن جي خبر بابت تون ڪهڙي خيال ۾ آهين؟ (٤٣). اُن جي پڄاڻيءَ (جي خبر) تنهنجي پالڻهار وٽ آهي (٤٤). جيڪو قيامت کان ڊڄي رڳو تنهن لاءِ تون ڊيڄاريندڙ آهين (٤٥). جنهن ڏينهن اُن کي ڏسندا (تنهن ڏينهن) ائين ڀائيندا ته ڄڻڪ هڪڙي وقت سنجهي يا اُن جي صبح کان سواءِ (دنيا ۾) رهيا ئي نه هيا (٤٦).

سورة عبس مڪي آهي ۽ هن ۾ ٻائيتاليه
آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

مُنهن ۾ گهنج وڌائين ۽ مُنهن موڙيائين (١). هن ڪري جو وٽس هڪ نابين آيو (٢). ۽ ڪنهن سمجهايئي جيڪر اُهو سڌرجي ها! (٣). يا نصيحت ٻڌي ها، پوءِ اُها نصيحت ٻڌڻ نفعو ڏئيس ها (٤). پر جنهن بي پرواهي ڪئي (٥). پوءِ تنهن (جي سڌاري) لاءِ تون پٺيان پيو آهين (٦). هن ۾ تو تي (ڪا ميار) ڪانهي ته اهو نه سڌري (٧). ۽ پر جيڪو تو وٽ ڊوڙندو آيو (٨). ۽ اُهو (پنهنجي الله کان) ڊڄندو آهي (٩). پوءِ تنهن کان تون غافل ٿئين ٿو (١٠). ائين نه آهي، بيشڪ اهي (قرآن جون آيتون) هڪ نصيحت آهي (١١). پوءِ جيڪو گهري سو اِن (قرآن) کي ياد ڪري (١٢). (بيشڪ قرآن جون آيتون) تعظيم وارن ورقن ۾ (لکيل) آهن (١٣). جي مٿاهان ۽ پاڪ آهن (١٤). لکندڙن جي هٿن ۾ (١٥). جي سڳورا ڀلارا آهن (١٦). مار پئي انسان تي! ڪهڙو نه بي شڪر آهي! (١٧). (ڏيان ڪري ته الله) ڪهڙي شيءِ مان پيدا ڪيس (١٨). منيءَ جي هڪ ٽيپي مان، خلقيائينس، پوءِ (وڌي ٿيڻ جو) اندازو مقرر ڪيائينس (١٩). وري (نڪرڻ جي) واٽ سنهنجي ڪيائينس (٢٠).

ثُمَّ اَمَاتَهٗ فَاَقْبَرَهٗ ﴿٢١﴾ ثُمَّ اِذَا شَآءَ اَنْشَرَهٗ ﴿٢٢﴾ كَلَّا لَمَّا يَقْضِ مَآ
اَمَرَهٗ ﴿٢٣﴾ فَلْيَنْظُرِ الْاِنْسَانُ اِلٰى طَعَامِهٖٓ ﴿٢٤﴾ اَنَّا صَبَبْنَا الْمَآءَ
صَبًّا ﴿٢٥﴾ ثُمَّ شَقَقْنَا الْاَرْضَ شَقًّا ﴿٢٦﴾ فَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا حَبًّا ﴿٢٧﴾ وَّ
عِنَبًا وَّقَضْبًا ﴿٢٨﴾ وَّزَيْتُوْنًا وَّنَخْلًا ﴿٢٩﴾ وَّحَدَآئِقَ غُلْبًا ﴿٣٠﴾ وَّفَاكِهَةً
وَّاَبًّا ﴿٣١﴾ مَّتَاعًا لَّكُمْ وَلِاَنْعَامِكُمْ ﴿٣٢﴾ فَاِذَا جَآءَتِ الصَّآخَّةُ ﴿٣٣﴾
يَوْمَ يَفِرُّ الْمَرْءُ مِنْ اَخِيْهِ ﴿٣٤﴾ وَاُمِّهٖ وَاَبِيْهِ ﴿٣٥﴾ وَصَاحِبَتِهٖ
وَبَنِيْهِ ﴿٣٦﴾ لِكُلِّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ يَوْمَئِذٍ شَاْنٌ يُّغْنِيْهِ ﴿٣٧﴾
وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ مُّسْفِرَةٌ ﴿٣٨﴾ ضَاحِكَةٌ مُّسْتَبْشِرَةٌ ﴿٣٩﴾ وَوُجُوْهٌ
يَّوْمَئِذٍ عَلَيْهَا غَبَرَةٌ ﴿٤٠﴾ تَرْهَقُهَا قَتَرَةٌ ﴿٤١﴾ اُولٰٓئِكَ هُمُ
الْكَفَرَةُ الْفَجَرَةُ ﴿٤٢﴾

## سُوْرَةُ التَّكْوِيْرِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○
اِذَا الشَّمْسُ كُوِّرَتْ ﴿١﴾ وَاِذَا النُّجُوْمُ انْكَدَرَتْ ﴿٢﴾ وَاِذَا الْجِبَالُ
سُيِّرَتْ ﴿٣﴾ وَاِذَا الْعِشَارُ عُطِّلَتْ ﴿٤﴾ وَاِذَا الْوُحُوْشُ
حُشِرَتْ ﴿٥﴾ وَاِذَا الْبِحَارُ سُجِّرَتْ ﴿٦﴾ وَاِذَا النُّفُوْسُ زُوِّجَتْ ﴿٧﴾

وري ماريائينس، پوءِ قبر ۾ رکيائينس (٢١). وري جڏهن گهرندو تڏهن
اُن کي جيئرو ڪندو (٢٢). ائين نہ آهي، جيڪي فرمايائينس سو
پورو نہ ڪيائين (٢٣). پوءِ جڳائي تہ ماڻهو پنهنجي کاڌي ڏانهن نهاري
ڏسي (٢٤). تہ اسان پاڻيءَ کي چڱيءَ طرح (آسمان کان) پلٽيو (٢٥).
وري زمين کي پوريءَ طرح چيريوسون (٢٦). پوءِ منجهس اَن ڄمايو
سون (٢٧). ۽ انگور ۽ ترڪاريون (٢٨). ۽ زيتون ۽ کجيون (٢٩). ۽
گهاٽا باغ (٣٠). ۽ ميوو ۽ (وهٽن جو) گاهہ (بہ) (٣١). اوهان جي
نفعي لاءِ ۽ اوهان جي ڍورن (جي نفعي) لاءِ (٣٢). پوءِ جڏهن ڪن
ٻوڙا ڪندڙ (دهشت واري) هڪل ايندي (٣٣). اُنهيءَ ڏينهن ماڻهو
پنهنجي ڀاءُ کان ڀڄندو (٣٤). ۽ (پڻ) پنهنجيءَ ماءُ کان ۽ پنهنجي پيءُ
کان (٣٥). ۽ پنهنجيءَ گهرواريءَ کان ۽ پنهنجن پٽن کان ڀڄندو (٣٦).
اُنهن مان سيڪنهن مڙس لاءِ اُن ڏينهن اهڙي حالت هوندي جو کيس بس
هوندي (٣٧). ڪيترائي مُنهن ان ڏينهن روشن هوندا (٣٨). کلندڙ ۽
(تمام) سرها هوندا (٣٩). ۽ ڪيترائي مُنهن (هوندا) جن تي اُن ڏينهن رئي
پيل هوندي (٤٠). جن کي ڪارنهن ويڙهي ويندي (٤١). اِهي ئي
منڪر بدڪار آهن (٤٢).

**سورة التڪوير مڪي آهي ۽ هن ۾ اُٺتيهہ آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.**

اللّٰه ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

جڏهن سج ويڙهبو (١). ۽ جڏهن تارا ميرا ٿيندا (٢). ۽ جڏهن جبل هلايا
ويندا (٣). ۽ جڏهن ڏيکيون ڏاچيون بيڪار ڇڏبيون (٤). ۽ جڏهن
جهنگلي جانور گڏ ڪبا (٥). ۽ جڏهن درياءُ (باهہ وانگر) تپائبا (٦). ۽
جڏهن ماڻهو پاڻ ۾ ملائبا (٧).

وَإِذَا الْمَوْءُدَةُ سُئِلَتْ ﴿٨﴾ بِأَيِّ ذَنْبٍ قُتِلَتْ ﴿٩﴾ وَإِذَا الصُّحُفُ
نُشِرَتْ ﴿١٠﴾ وَإِذَا السَّمَآءُ كُشِطَتْ ﴿١١﴾ وَإِذَا الْجَحِيمُ سُعِّرَتْ ﴿١٢﴾
وَإِذَا الْجَنَّةُ أُزْلِفَتْ ﴿١٣﴾ عَلِمَتْ نَفْسٌ مَّآ أَحْضَرَتْ ﴿١٤﴾ فَلَآ
أُقْسِمُ بِالْخُنَّسِ ﴿١٥﴾ الْجَوَارِ الْكُنَّسِ ﴿١٦﴾ وَالَّيْلِ إِذَا عَسْعَسَ ﴿١٧﴾
وَالصُّبْحِ إِذَا تَنَفَّسَ ﴿١٨﴾ إِنَّهُ لَقَوْلُ رَسُولٍ كَرِيمٍ ﴿١٩﴾ ذِي
قُوَّةٍ عِنْدَ ذِي الْعَرْشِ مَكِينٍ ﴿٢٠﴾ مُّطَاعٍ ثَمَّ أَمِينٍ ﴿٢١﴾ وَ
مَا صَاحِبُكُمْ بِمَجْنُونٍ ﴿٢٢﴾ وَلَقَدْ رَاٰهُ بِالْأُفُقِ الْمُبِينِ ﴿٢٣﴾
وَمَا هُوَ عَلَى الْغَيْبِ بِضَنِينٍ ﴿٢٤﴾ وَمَا هُوَ بِقَوْلِ شَيْطٰنٍ
رَّجِيمٍ ﴿٢٥﴾ فَأَيْنَ تَذْهَبُونَ ﴿٢٦﴾ إِنْ هُوَ إِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِينَ ﴿٢٧﴾
لِمَنْ شَآءَ مِنْكُمْ أَنْ يَّسْتَقِيمَ ﴿٢٨﴾ وَمَا تَشَآءُونَ إِلَّآ أَنْ
يَّشَآءَ اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِينَ ﴿٢٩﴾

## سُورَةُ الانْفِطَارِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيمِ ○

إِذَا السَّمَآءُ انْفَطَرَتْ ﴿١﴾ وَإِذَا الْكَوَاكِبُ انْتَثَرَتْ ﴿٢﴾ وَإِذَا الْبِحَارُ
فُجِّرَتْ ﴿٣﴾ وَإِذَا الْقُبُورُ بُعْثِرَتْ ﴿٤﴾ عَلِمَتْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ وَأَخَّرَتْ ﴿٥﴾

۽ جڏهن جيئري پوريل نياڻي پڇبي (٨). تہ ڪهڙي ڏوھ ڪري ماري
ويئي؟ (٩). ۽ جڏهن اعمال ناما کولبا (١٠). ۽ جڏهن آسمان ڇلبو (١١). ۽
جڏهن دوزخ ڀڙڪائبو (١٢). ۽ جڏهن بهشت ويجهو ڪبو (١٣).
(تڏهن) هرهڪ ماڻهو جيڪي حاضر ڪيو سو ڄاڻندو (١۴). پوئتي
هٽندڙن تارن جو قسم ڪٿان ٿو (١٥). جي (ڪڏهن) سڌا هلندڙ آهن،
(ڪڏهن) لڪي ويندڙ آهن (١٦). ۽ قسم آهي رات جو جڏهن پوئتي
موٽندي آهي (١٧). ۽ قسم آهي صبح جو جڏهن ڦٽندو آهي (١٨). تہ
بيشڪ اِهو (قرآن) هڪ موڪليل سڳوري (ملائڪ) جو پيغام ڏيڻ
آهي (١٩). جو سگھہ وارو عرش جي مالڪ (الله) وٽ وڏي مرتبي وارو
آهي (٢٠). جو ميجوتيءَ وارو اُتي، (ملڪوت ۾) اَمين آهي (٢١). ۽ (هيءُ)
اوهان جو سنگتي (محمدﷺ ڪو) چريو نہ آهي (٢٢). ۽ بيشڪ
(اوهان جي سنگتيءَ) ان (ملائڪ) کي آسمان جي پڌري ڪناري تي
(ڇتائي) ڏٺو آهي (٢٣). ۽ اِهو (اوهان جو سنگتي) ڳجھہ (جي ڳالھہ ڏسڻ)
تي بخل ڪندڙ نہ آهي (٢۴). ۽ اهو (قرآن) تڙيل شيطان جو ڪلام نہ
آهي (٢٥). پوءِ ڪيڏانهن وڃو ٿا؟ (٢٦). هيءُ (قرآن) جهان وارن جي
نصيحت کان سواءِ (ٻيو) ڪجھہ نہ آهي (٢٧). اوهان مان جيڪو سڌو
هلڻ گهري تنهن لاءِ آهي (٢٨). ۽ جهانن جي پالڻهار الله جي گُهر کان سواءِ
(ٻيو) ڪجھہ اوهين گهري نہ سگھندؤ (٢٩).

**سورة الانفطار مڪي آهي ۽ هن ۾ اڻويهہ**
**آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.**

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

جڏهن آسمان ڦاٽندو (١). ۽ جڏهن تارا ڇڻي پوندا (٢). جڏهن سمند تمام
جوش سان وهائبا (٣). ۽ جڏهن قبرون پٽبيون (۴). (تڏهن) سيڪو
شخص اُهو ڄاڻندو جيڪي اڳي موڪليو هيائين ۽ جيڪي پوئتي ڇڏيو
هيائين (٥).

يٰۤاَيُّهَا الْاِنْسَانُ مَا غَرَّكَ بِرَبِّكَ الْكَرِيْمِ ﴿٦﴾ الَّذِيْ خَلَقَكَ
فَسَوّٰىكَ فَعَدَلَكَ ﴿٧﴾ فِيْۤ اَيِّ صُوْرَةٍ مَّا شَآءَ رَكَّبَكَ ﴿٨﴾ كَلَّا بَلْ
تُكَذِّبُوْنَ بِالدِّيْنِ ﴿٩﴾ وَاِنَّ عَلَيْكُمْ لَحٰفِظِيْنَ ﴿١٠﴾ كِرَامًا كٰتِبِيْنَ ﴿١١﴾
يَعْلَمُوْنَ مَا تَفْعَلُوْنَ ﴿١٢﴾ اِنَّ الْاَبْرَارَ لَفِيْ نَعِيْمٍ ﴿١٣﴾ وَّاِنَّ
الْفُجَّارَ لَفِيْ جَحِيْمٍ ﴿١٤﴾ يَّصْلَوْنَهَا يَوْمَ الدِّيْنِ ﴿١٥﴾ وَمَا هُمْ
عَنْهَا بِغَآئِبِيْنَ ﴿١٦﴾ وَمَاۤ اَدْرٰىكَ مَا يَوْمُ الدِّيْنِ ﴿١٧﴾ ثُمَّ مَاۤ
اَدْرٰىكَ مَا يَوْمُ الدِّيْنِ ﴿١٨﴾ يَوْمَ لَا تَمْلِكُ نَفْسٌ لِّنَفْسٍ
شَيْـًٔا ؕ وَالْاَمْرُ يَوْمَئِذٍ لِّلّٰهِ ﴿١٩﴾

## سُوْرَةُ الْمُطَفِّفِيْنَ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

وَيْلٌ لِّلْمُطَفِّفِيْنَ ﴿١﴾ الَّذِيْنَ اِذَا اكْتَالُوْا عَلَى النَّاسِ يَسْتَوْفُوْنَ ﴿٢﴾
وَاِذَا كَالُوْهُمْ اَوْ وَّزَنُوْهُمْ يُخْسِرُوْنَ ﴿٣﴾ اَلَا يَظُنُّ اُولٰٓئِكَ اَنَّهُمْ
مَّبْعُوْثُوْنَ ﴿٤﴾ لِيَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿٥﴾ يَّوْمَ يَقُوْمُ النَّاسُ لِرَبِّ
الْعٰلَمِيْنَ ﴿٦﴾ كَلَّاۤ اِنَّ كِتٰبَ الْفُجَّارِ لَفِيْ سِجِّيْنٍ ﴿٧﴾ وَمَاۤ اَدْرٰىكَ
مَا سِجِّيْنٌ ﴿٨﴾ كِتٰبٌ مَّرْقُوْمٌ ﴿٩﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿١٠﴾

اي انسان! تو کي تنهنجي (اُنهيءَ) سڳوري پالڻهار کان ڪهڙيءَ شيءِ ٺڳيو؟ (٦). جنهن توکي پيدا ڪيو، پوءِ تو کي سنئين لڱين ڪيائين، پوءِ توکي برابر ڪيائين (٧). جهڙيءَ صورت ۾ گهريائين (تهڙيءَ ۾) تنهنجي جوڙ جوڙيائين (٨). ائين نہ آهي، بلڪ اوهين عملن جي جزا ڏيڻ کي ڪوڙ ڀائيندا آهيو (٩). ۽ بيشڪ اوهان تي نگهبان (مقرر ٿيل) آهن (١٠). سڳورا، لکڻ وارا (١١). جيڪي اوهين ڪندا آهيو، سو ڄاڻندا آهن (١٢). بيشڪ ڀلارا (بهشت جي) نعمت ۾ هوندا (١٣). ۽ بيشڪ گنهگار دوزخ ۾ هوندا (١٤). عملن جي بدلي جي ڏينهن دوزخ ۾ داخل ٿيندا (١٥). ۽ ان کان اُهي لڪل نہ هوندا (١٦). ۽ ڪنهن سمجهايئي تہ عملن جي بدلي جو ڏينهن ڇا آهي؟ (١٧). وري (بہ چئون ٿا تہ) ڪنهن سمجهايئي تہ عملن جي بدلي جو ڏينهن ڇا آهي؟ (١٨). اُهو هڪ ڏينهن آهي جو ڪو جيءُ ڪنهن جيءَ کي ڪجھ فائدو پهچائي نہ سگهندو ۽ ان ڏينهن (سڄي) حڪومت خاص الله جي هوندي (١٩).

**سورة مطففين مڪي آهي ۽ هن ۾ ڇٽيهہ آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.**

**الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)**

(تور ۽ ماپ) اُنهن گهٽ ڪري ڏيندڙن لاءِ ويل آهي (١). جي جڏهن (پاڻ ۾) ماڻهن کان مئي وٺندا آهن، تڏهن بلڪل پورو ڪري وٺندا آهن (٢). ۽ جڏهن انهن کي مئي ڏيندا آهن يا کين توري ڏيندا آهن (تڏهن) گهٽائي ڏيندا آهن (٣). اِهي يقين نہ ٿا ڪن ڇا تہ کين (ضرور) اٿاربو؟ (٤). اُنهيءَ وڏي ڏينهن لاءِ (٥). جنهن ڏينهن ماڻهو جهانن جي پالڻهار اڳيان اُٿي بيهندا (٦). سچ آهي تہ بيشڪ بدڪارن جو اعمالنامو سجّين ۾ آهي (٧). ۽ ڪنهن سمجهايئي تہ سجين ڇا آهي؟ (٨). هڪ لکيل دفتر آهي (٩). اُن ڏينهن (اُنهن) ڪوڙ ڀائيندڙن لاءِ ويل آهي (١٠).

الَّذِيْنَ يُكَذِّبُوْنَ بِيَوْمِ الدِّيْنِ ﴿۱۱﴾ وَمَا يُكَذِّبُ بِهٖٓ اِلَّا كُلُّ
مُعْتَدٍ اَثِيْمٍ ﴿۱۲﴾ اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِ اٰيٰتُنَا قَالَ اَسَاطِيْرُ
الْاَوَّلِيْنَ ﴿۱۳﴾ كَلَّا بَلْ سكتة رَانَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۱۴﴾
كَلَّآ اِنَّهُمْ عَنْ رَّبِّهِمْ يَوْمَئِذٍ لَّمَحْجُوْبُوْنَ ﴿۱۵﴾ ثُمَّ اِنَّهُمْ
لَصَالُوا الْجَحِيْمِ ﴿۱۶﴾ ثُمَّ يُقَالُ هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ ﴿۱۷﴾
كَلَّآ اِنَّ كِتٰبَ الْاَبْرَارِ لَفِيْ عِلِّيِّيْنَ ﴿۱۸﴾ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا عِلِّيُّوْنَ ﴿۱۹﴾
كِتٰبٌ مَّرْقُوْمٌ ﴿۲۰﴾ يَّشْهَدُهُ الْمُقَرَّبُوْنَ ﴿۲۱﴾ اِنَّ الْاَبْرَارَ لَفِيْ
نَعِيْمٍ ﴿۲۲﴾ عَلَى الْاَرَآئِكِ يَنْظُرُوْنَ ﴿۲۳﴾ تَعْرِفُ فِيْ وُجُوْهِهِمْ
نَضْرَةَ النَّعِيْمِ ﴿۲۴﴾ يُسْقَوْنَ مِنْ رَّحِيْقٍ مَّخْتُوْمٍ ﴿۲۵﴾ خِتٰمُهٗ
مِسْكٌ وَفِيْ ذٰلِكَ فَلْيَتَنَافَسِ الْمُتَنٰفِسُوْنَ ﴿۲۶﴾ وَ
مِزَاجُهٗ مِنْ تَسْنِيْمٍ ﴿۲۷﴾ عَيْنًا يَّشْرَبُ بِهَا الْمُقَرَّبُوْنَ ﴿۲۸﴾
اِنَّ الَّذِيْنَ اَجْرَمُوْا كَانُوْا مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يَضْحَكُوْنَ ﴿۲۹﴾
وَاِذَا مَرُّوْا بِهِمْ يَتَغَامَزُوْنَ ﴿۳۰﴾ وَاِذَا انْقَلَبُوْٓا اِلٰٓى
اَهْلِهِمُ انْقَلَبُوْا فَكِهِيْنَ ﴿۳۱﴾ وَاِذَا رَاَوْهُمْ قَالُوْٓا اِنَّ
هٰٓؤُلَآءِ لَضَآلُّوْنَ ﴿۳۲﴾ وَمَآ اُرْسِلُوْا عَلَيْهِمْ حٰفِظِيْنَ ﴿۳۳﴾

جيڪي عملن جي بدلي جي ڏينهن کي ڪوڙ ڀائيندا آهن (١١). ۽ ان کي سيڪنهن حد کان لنگهندڙ گنهگار کان سواءِ (ٻيو) ڪو ڪوڙ نہ ڀائيندو (١٢). جڏهن اسان جون آيتون ڪيس پڙهي ٻڌائبيون آهن (تڏهن) چوندو آهي تہ (اِهي) اڳين جون آکاڻيون آهن (١٣). ائين بلڪل نہ آهي! بلڪ جيڪي ڪمائيندا هيا، تنهن جي ڪٽ سندين دلين تي ڄمي وئي آهي (١٤). ائين نہ آهي. پنهنجي پالڻهار (جي سامهون اچڻ) کان انهيءَ ڏينهن روڪيل هوندا (١٥). وري بيشڪ اُهي دوزخ ۾ (پرٻاهرو) گهڙڻ وارا هوندا (١٦). وري چئبن تہ هيءُ اُهو دوزخ آهي، جنهن کي اوهين ڪوڙ ڀائيندا هيؤ (١٧). سچ آهي تہ بيشڪ ڀلارن جو اعمالنامو عليين ۾ آهي (١٨). ۽ ڪنهن سمجهايئي تہ عليين ڇا آهي؟ (١٩). هڪ لکيل دفتر آهي (٢٠). اُن وٽ (الله جا) مقرب (ملائڪ) حاضر رهندا آهن (٢١). بيشڪ ڀلارا (بهشت جي) نعمت ۾ هوندا (٢٢). پلنگن تي ويهي نظارو پيا ڪندا (٢٣). (سيني پاسن کان) سندن منهن مان ئي نعمت جي تازگي پيو معلوم ڪندين (٢٤). مهر لڳل صاف شراب مان پيو پيارين (٢٥). جنهن جي مهر مشڪ جي هوندي ۽ شوقينن کي جڳائي تہ انهيءَ ۾ ئي شوق رکن (٢٦). ان جي ملاوت تسنيم (جي پاڻيءَ) مان هوندي (٢٧). جو هڪ چشمو آهي، جنهن مان الله جا ويجها (ٻانها) پيئندا (٢٨). بيشڪ ڏوهاري (دنيا ۾) مؤمنن تي کلندا هئا (٢٩). ۽ جڏهن وٽائن لنگهندا هئا، تڏهن (مؤمنن تي حقارت ڪري) هڪ ٻئي کي ميچون ڏيندا هئا (٣٠). ۽ جڏهن پنهنجن گهروارن ڏانهن موٽندا هئا (تڏهن) ڏاڍيون خوشيون ڪندا موٽندا هئا (٣١). ۽ جڏهن مؤمنن کي ڏسندا هئا (تڏهن) چوندا هئا تہ بيشڪ اهي گمراهہ آهن (٣٢). ۽ (حقيقت ڪري) اُهي مؤمنن تي نگهبان ڪري نہ موڪليا ويا هيا (٣٣).

فَالْيَوْمَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنَ الْكُفَّارِ يَضْحَكُوْنَ ﴿٣٤﴾ عَلَى
الْاَرَآئِكِ يَنْظُرُوْنَ ﴿٣٥﴾ هَلْ ثُوِّبَ الْكُفَّارُ مَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ ﴿٣٦﴾ ع

## سُوْرَةُ الْاِنْشِقَاقِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○
اِذَا السَّمَآءُ انْشَقَّتْ ﴿١﴾ وَاَذِنَتْ لِرَبِّهَا وَحُقَّتْ ﴿٢﴾ وَاِذَا
الْاَرْضُ مُدَّتْ ﴿٣﴾ وَاَلْقَتْ مَا فِيْهَا وَتَخَلَّتْ ﴿٤﴾ وَاَذِنَتْ
لِرَبِّهَا وَحُقَّتْ ﴿٥﴾ يٰاَيُّهَا الْاِنْسَانُ اِنَّكَ كَادِحٌ اِلٰى رَبِّكَ
كَدْحًا فَمُلٰقِيْهِ ﴿٦﴾ فَاَمَّا مَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ بِيَمِيْنِهٖ ﴿٧﴾
فَسَوْفَ يُحَاسَبُ حِسَابًا يَّسِيْرًا ﴿٨﴾ وَّيَنْقَلِبُ اِلٰى اَهْلِهٖ
مَسْرُوْرًا ﴿٩﴾ وَاَمَّا مَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ وَرَآءَ ظَهْرِهٖ ﴿١٠﴾ فَسَوْفَ
يَدْعُوْا ثُبُوْرًا ﴿١١﴾ وَّيَصْلٰى سَعِيْرًا ﴿١٢﴾ اِنَّهٗ كَانَ فِيْ اَهْلِهٖ
مَسْرُوْرًا ﴿١٣﴾ اِنَّهٗ ظَنَّ اَنْ لَّنْ يَّحُوْرَ ﴿١٤﴾ بَلٰى ۚ اِنَّ رَبَّهٗ
كَانَ بِهٖ بَصِيْرًا ﴿١٥﴾ فَلَآ اُقْسِمُ بِالشَّفَقِ ﴿١٦﴾ وَالَّيْلِ وَمَا
وَسَقَ ﴿١٧﴾ وَالْقَمَرِ اِذَا اتَّسَقَ ﴿١٨﴾ لَتَرْكَبُنَّ طَبَقًا عَنْ طَبَقٍ ﴿١٩﴾ فَمَا
لَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٢٠﴾ وَاِذَا قُرِئَ عَلَيْهِمُ الْقُرْاٰنُ لَا يَسْجُدُوْنَ ﴿٢١﴾ السجدة

تنهن ڪري اڄ مؤمن ڪافرن تي کلن ٿا (٣٤). پلنگن تي (ويهي) نظارو ڪن ٿا (٣٥). (۽ چون ٿا) ته ڪافرن کي اُنهيءَ جو بدلو ڏنو ويو آهي ڇا جيڪي اُهي ڪندا هئا؟ (٣٦).

سورة الانشقاق مڪي آهي ۽ هن ۾ پنجويه آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

جڏهن آسمان ڦاٽندو (١). ۽ پنهنجي پالڻهار جو حڪم ڪن ڏيئي ٻڌندو ۽ (ٻڌڻ) حق اٿس (٢). ۽ جڏهن زمين پکيڙبي (٣). ۽ جيڪي اُن ۾ هوندو سو (سڀ) ڪڍي اڇليندي ۽ خالي ٿيندي (٤). ۽ پنهنجي پالڻهار جو حڪم ڪن ڏئي ٻڌندي ۽ (ٻڌڻ) حق اٿس (٥). اي انسان! تون پنهنجي پالڻهار ڏانهن (پهچڻ ۾) تمام گهڻي تڪليف وٺڻ وارو آهين، جو ان کي (وڃي) ملندين (٦). پوءِ اُهو (ماڻهو) جنهن کي سندس سڄي هٿ ۾ سندس اعمالنامو ڏبو (٧). تنهن سان آسانيءَ طرح سگهوئي حساب ڪبو (٨). ۽ پنهنجن گهروارن ڏانهن خوش ٿي موٽندو (٩). ۽ اُهو (ماڻهو) جنهن کي سندس اعمالنامو سندس پٺيءَ پويان ڏبو (١٠). سو سگهوئي موت کي سڏيندو (١١). ۽ دوزخ ۾ گهڙندو (١٢). ڇو ته اُهو (دنيا ۾) پنهنجن گهروارن ۾ خوش (حال) هو (١٣). بيشڪ اُنهيءَ ڀانيو هو ته (الله ڏانهن) ڪڏهن نه موٽندو (١٤). هائو! (موٽندو)، ڇو ته سندس پالڻهار ان کي ڏسندڙ آهي (١٥). پوءِ شفق (سج لهڻ واري ڳاڙهاڻ) جو قسم کڻان ٿو (١٦). ۽ رات جو (قسم کڻان ٿو) ۽ جنهن کي گڏ ڪيو اٿس (تنهن جو به) (١٧). ۽ چنڊ جو (قسم کڻان ٿو) جڏهن پورو روشن ٿئي (١٨). ته هڪ حال کان ٻئي حال تي ضرور چڙهندؤ (١٩). پوءِ هنن (ڪافرن) کي ڇا (ٿيو) آهي، جو ايمان نه آڻيندا آهن؟ (٢٠). ۽ جڏهن مٿن قرآن پڙهبو آهي، (تڏهن) سجدو نه ڪندا آهن؟ (٢١).

بَلِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُكَذِّبُوْنَ ﴿۲۲﴾ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا يُوْعُوْنَ ﴿۲۳﴾
فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿۲۴﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا
الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ اَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُوْنٍ ﴿۲۵﴾

## سُوْرَةُ الْبُرُوْجِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

وَالسَّمَآءِ ذَاتِ الْبُرُوْجِ ﴿۱﴾ وَالْيَوْمِ الْمَوْعُوْدِ ﴿۲﴾ وَشَاهِدٍ
وَّمَشْهُوْدٍ ﴿۳﴾ قُتِلَ اَصْحٰبُ الْاُخْدُوْدِ ﴿۴﴾ النَّارِ ذَاتِ
الْوَقُوْدِ ﴿۵﴾ اِذْ هُمْ عَلَيْهَا قُعُوْدٌ ﴿۶﴾ وَّهُمْ عَلٰى مَا يَفْعَلُوْنَ
بِالْمُؤْمِنِيْنَ شُهُوْدٌ ﴿۷﴾ وَمَا نَقَمُوْا مِنْهُمْ اِلَّآ اَنْ يُّؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ
الْعَزِيْزِ الْحَمِيْدِ ﴿۸﴾ الَّذِيْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَ
اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ ﴿۹﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ فَتَنُوا الْمُؤْمِنِيْنَ وَ
الْمُؤْمِنٰتِ ثُمَّ لَمْ يَتُوْبُوْا فَلَهُمْ عَذَابُ جَهَنَّمَ وَلَهُمْ عَذَابُ
الْحَرِيْقِ ﴿۱۰﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ جَنّٰتٌ
تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْكَبِيْرُ ﴿۱۱﴾ اِنَّ
بَطْشَ رَبِّكَ لَشَدِيْدٌ ﴿۱۲﴾ اِنَّهٗ هُوَ يُبْدِئُ وَيُعِيْدُ ﴿۱۳﴾

بلڪ (اِهي) ڪافر ڪوڙ ڀائيندا آهن (٢٢). ۽ جيڪي (پنهنجي دلين ۾) سانيندا آهن، سو الله چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي (٢٣). پوءِ ڪين ڏکوئيندڙ عذاب جي خبر ڏي (٢٤). پر جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ اَڻ کُٽ اَجر آهي (٢٥).

سورة البروج مکي آهي ۽ هن ۾ ٻاويهه آيتون ۽ هڪ رکوع آهي.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

برجن واري آسمان جو قسم آهي (١). ۽ وعدي ڪيل ڏينهن (قيامت) جو قسم آهي (٢). ۽ شاهد ۽ جنهن تي شاهدي ڏني وڃي، تنهن جو قسم آهي (٣). ته کاهين وارا ماريا وڃن (ٿا) (٤). گهڻي ٻـل واري باهه وارا (٥). جڏهن اُهي اُنهيءَ (باهه جي کاهين) تي ويٺل هيا (٦). ۽ جيڪي اُنهن مسلمانن سان (ظلم) ٿي ڪيو، تنهن کي روبرو ڏسڻ وارا هيا (٧). ۽ اُنهن هن کان سواءِ (ٻيءَ) ڪنهن ڳالهه جو وير نه ٿي ورتو ته انهن اُنهيءَ غالب ساراهيل الله تي ايمان آندو هو (٨). جنهن کي آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي آهي ۽ الله سڀ شيءِ جي خبر رکندڙ آهي (٩). بيشڪ جن (ماڻهن) مؤمنن ۽ مؤمنياڻين کي ايذايو، وري توبهه نه ڪيائون، تن لاءِ دوزخ جو عذاب آهي ۽ انهن لاءِ ساڙيندڙ عذاب (به) آهي (١٠). بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ اهڙا باغ آهن، جن جي هيٺان نهرون پيون وهن، اها وڏي ڪاميابي آهي (١١). بيشڪ تنهنجي پالڻهار جو پڪڙڻ بلڪل سخت آهي (١٢). بيشڪ اُهو پهريون دفعو بڻائي ٿو ۽ وري ٻيهر موٽائيندو (١٣).

وَهُوَ الْغَفُوْرُ الْوَدُوْدُ ﴿١٤﴾ ذُو الْعَرْشِ الْمَجِيْدُ ﴿١٥﴾ فَعَّالٌ لِّمَا
يُرِيْدُ ﴿١٦﴾ هَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ الْجُنُوْدِ ﴿١٧﴾ فِرْعَوْنَ وَثَمُوْدَ ﴿١٨﴾
بَلِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِيْ تَكْذِيْبٍ ﴿١٩﴾ وَّاللّٰهُ مِنْ وَّرَآئِهِمْ مُّحِيْطٌ ﴿٢٠﴾
بَلْ هُوَ قُرْاٰنٌ مَّجِيْدٌ ﴿٢١﴾ فِيْ لَوْحٍ مَّحْفُوْظٍ ﴿٢٢﴾

## سُوْرَةُ الطَّارِقِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ
وَالسَّمَآءِ وَالطَّارِقِ ﴿١﴾ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الطَّارِقُ ﴿٢﴾
النَّجْمُ الثَّاقِبُ ﴿٣﴾ اِنْ كُلُّ نَفْسٍ لَّمَّا عَلَيْهَا حَافِظٌ ﴿٤﴾
فَلْيَنْظُرِ الْاِنْسَانُ مِمَّ خُلِقَ ﴿٥﴾ خُلِقَ مِنْ مَّآءٍ دَافِقٍ ﴿٦﴾
يَّخْرُجُ مِنْۢ بَيْنِ الصُّلْبِ وَالتَّرَآئِبِ ﴿٧﴾ اِنَّهٗ عَلٰى رَجْعِهٖ
لَقَادِرٌ ﴿٨﴾ يَوْمَ تُبْلَى السَّرَآئِرُ ﴿٩﴾ فَمَا لَهٗ مِنْ قُوَّةٍ وَّلَا
نَاصِرٍ ﴿١٠﴾ وَالسَّمَآءِ ذَاتِ الرَّجْعِ ﴿١١﴾ وَالْاَرْضِ ذَاتِ
الصَّدْعِ ﴿١٢﴾ اِنَّهٗ لَقَوْلٌ فَصْلٌ ﴿١٣﴾ وَّمَا هُوَ بِالْهَزْلِ ﴿١٤﴾ اِنَّهُمْ
يَكِيْدُوْنَ كَيْدًا ﴿١٥﴾ وَّاَكِيْدُ كَيْدًا ﴿١٦﴾ فَمَهِّلِ الْكٰفِرِيْنَ
اَمْهِلْهُمْ رُوَيْدًا ﴿١٧﴾

۽ اُهو ئي بخشـڻهار گهڻي مهر ڪندڙ آهي (١٤). (جو) عرش جو مالڪ تمام وڏي شان وارو آهي (١٥). جيڪي گهري سو ڪرڻ وارو ئي آهي (١٦). تو وٽ لشڪرن جي خبر (نہ) آئي آهي ڇا؟ (١٧). (يعني) فرعون ۽ ثمود جي (١٨). بلڪ ڪافر ڪوڙ ڀانئڻ ۾ (لڳا پيا) آهن (١٩). ۽ الله سندن چوڌير گهيرو ڪندڙ آهي (٢٠). بلڪ هيءُ سڳورو قرآن آهي (٢١). حفاظت ڪيل تختي ۾ لکيل آهي (٢٢).

**سورة الطارق مڪي آهي ۽ هن ۾ سترهن آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.**

**الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)**

آسمان جو ۽ رات جي وقت ايندڙ جو قسم آهي (١). ۽ ڪنهن سمجهايئي تہ رات جو ايندڙ ڇا آهي؟ (٢). (اُهو) چمڪندڙ تارو آهي (٣). تہ ڪو جيءُ اهڙو ڪونهي جنهن تي هڪ نگهبان مقرر ٿيل (نہ) آهي (٤). تنهن ڪري ماڻهوءَ کي گهرجي تہ نهاري ڏسي تہ ڪنهن ڇا مان بڻايو ويو آهي؟ (٥). ٽپي ساں نڪرندڙ پاڻيءَ مان بڻايو ويس (٦). جو پٺيءَ ۽ اُرهہ جي وچ مان نڪرندو آهي (٧). بيشڪ الله سندس وري موٽائڻ تي وس وارو آهي (٨). جنهن ڏينهن (ماڻهن جي دلين جا) سڀ ڳجهہ جاچيا ويندا (٩). تنهن ڏينهن نہ ڪا سگهہ رهندس ۽ نہ ڪو واهرو (هوندس) (١٠). ۽ مينهن واري آسمان جو قسم آهي (١١). ۽ ڦاٽڻ واريءَ زمين جو (بہ) قسم آهي (١٢). تہ بيشڪ قرآن هڪ فيصلو ڪندڙ ڳالهہ آهي (١٣). ۽ هيءُ قرآن ڪا يوگ (جي ڳالهہ) نہ آهي (١٤). بيشڪ ڪافر هڪ (طرح جي) ڳجهي رٿ رٿين ٿا (١٥). ۽ (آءٌ بہ) هڪ (طرح جي) رٿ رٿيان ٿو (١٦). پوءِ ڪافرن کي دير ڏي ۽ ٿوري مدت کين ڇڏي ڏي (١٧).

## سُوْرَةُ الْاَعْلٰى

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْاَعْلَى ۙ﴿١﴾ الَّذِىْ خَلَقَ فَسَوّٰى ۙ﴿٢﴾ وَالَّذِىْ قَدَّرَ
فَهَدٰى ۙ﴿٣﴾ وَالَّذِىْٓ اَخْرَجَ الْمَرْعٰى ۙ﴿٤﴾ فَجَعَلَهٗ غُثَآءً اَحْوٰى ؕ﴿٥﴾
سَنُقْرِئُكَ فَلَا تَنْسٰٓى ۙ﴿٦﴾ اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ ؕ اِنَّهٗ يَعْلَمُ الْجَهْرَ وَمَا
يَخْفٰى ؕ﴿٧﴾ وَنُيَسِّرُكَ لِلْيُسْرٰى ۚۖ﴿٨﴾ فَذَكِّرْ اِنْ نَّفَعَتِ الذِّكْرٰى ؕ﴿٩﴾ سَيَذَّكَّرُ
مَنْ يَّخْشٰى ۙ﴿١٠﴾ وَيَتَجَنَّبُهَا الْاَشْقَى ۙ﴿١١﴾ الَّذِىْ يَصْلَى النَّارَ الْكُبْرٰى ۚ﴿١٢﴾
ثُمَّ لَا يَمُوْتُ فِيْهَا وَلَا يَحْيٰى ؕ﴿١٣﴾ قَدْ اَفْلَحَ مَنْ تَزَكّٰى ۙ﴿١٤﴾ وَذَكَرَ اسْمَ
رَبِّهٖ فَصَلّٰى ؕ﴿١٥﴾ بَلْ تُؤْثِرُوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ۙ﴿١٦﴾ وَالْاٰخِرَةُ خَيْرٌ وَّ
اَبْقٰى ؕ﴿١٧﴾ اِنَّ هٰذَا لَفِى الصُّحُفِ الْاُوْلٰى ۙ﴿١٨﴾ صُحُفِ اِبْرٰهِيْمَ وَمُوْسٰى ع﴿١٩﴾

## سُوْرَةُ الْغَاشِيَةِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

هَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ الْغَاشِيَةِ ؕ﴿١﴾ وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ خَاشِعَةٌ ۙ﴿٢﴾ عَامِلَةٌ
نَّاصِبَةٌ ۙ﴿٣﴾ تَصْلٰى نَارًا حَامِيَةً ۙ﴿٤﴾ تُسْقٰى مِنْ عَيْنٍ اٰنِيَةٍ ؕ﴿٥﴾ لَيْسَ
لَهُمْ طَعَامٌ اِلَّا مِنْ ضَرِيْعٍ ۙ﴿٦﴾ لَّا يُسْمِنُ وَلَا يُغْنِىْ مِنْ جُوْعٍ ؕ﴿٧﴾

سورة الاعليٰ مكي آهي ۽ هن ۾ اڻويهه
آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

اللّٰه ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

(اي پيغمبر!) اُنهيءَ پنهنجي تمام مٿاهين پالڻهار جي نالي جي پاڪائي بيان ڪر (١). جنهن (ساريءَ مخلوقات کي) خلقيو، پوءِ سنئين لڳين ڪيائين (٢). ۽ جنهن اندازو ڪيو، پوءِ سڌو رستو ڏيکاريائين (٣). ۽ جنهن تازو گاهه ڄمايو (۴). پوءِ ان کي سڪو سڙيو ڪيائين (٥). اسين توکي (قرآن) پاڙهينداسون، پوءِ نہ وساريندين (٦). مگر جيڪي اللّٰه گھريو آهي. بيشڪ اهو ظاهر ڄاڻندو آهي ۽ جيڪي ڳجهو آهي، تنهن کي (بہ) (٧). ۽ (نجات جو) آسان رستو تو کي سهنجو ڪري ڏينداسين (٨). پوءِ جيڪڏهن نصيحت ڏيڻ فائدو ڪري تہ نصيحت ڪر (٩). جيڪو ڊڄندو سو سِتت سمجهه وٺندو (١٠). ۽ اُن (نصيحت وٺڻ) کان (اُهو) تمام نڀاڳو پاسو ڪندو (١١). جو وڏيءَ باهه ۾ گھڙندو (١٢). وري نڪي اُتي مرندو ۽ نڪي جيئرو رهندو (١٣). بيشڪ اُهو ڪامياب ٿيو جيڪو سڌريو (١۴). ۽ پڻ پنهنجي پالڻهار جو نالو ياد ڪري نماز پڙهندو رهيو (١٥). بلڪ دنيا جي حياتيءَ کي (آخرت کان) پسند ڪندا آهيو (١٦). ۽ (حقيقت ڪري) آخرت ڀلي آهي ۽ هميشہ رهڻ واري آهي (١٧). بيشڪ هيءُ (بيان) پهرين صحيفن ۾ (بہ لکيل) آهي (١٨). جي صحيفا ابراهيم ۽ موسيٰ جا آهن (١٩).

سورة الغاشية مكي آهي ۽ هن ۾ ڇويهه
آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

اللّٰه ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

(اي پيغمبر) تو وٽ ڍڪيندڙ (قيامت) جي خبر پهتي آهي ڇا؟ (١). اُن ڏينهن ڪيئي مُنهن خوار هوندا (٢). ڪمائيندڙ ڏک ڀوڳيندڙ هوندا (٣). ٻرندڙ باهه ۾ گھڙندا (۴). بلڪ تتي چشمي مان (پاڻي) پيارين (٥). ڪنڊن واري گاهه کان سواءِ (ٻيو) ڪو کاڄ اُنهن لاءِ نہ هوندو (٦). (جو اهو) نڪي (ڪين) ٿلهو ڪندو ۽ نڪي بک لاهيندو (٧).

وُجُوْهٌ يَّوْمَىِٕذٍ نَّاعِمَةٌ ﴿٨﴾ لِّسَعْيِهَا رَاضِيَةٌ ﴿٩﴾ فِيْ جَنَّةٍ
عَالِيَةٍ ﴿١٠﴾ لَّا تَسْمَعُ فِيْهَا لَاغِيَةً ﴿١١﴾ فِيْهَا عَيْنٌ جَارِيَةٌ ﴿١٢﴾ فِيْهَا
سُرُرٌ مَّرْفُوْعَةٌ ﴿١٣﴾ وَّاَكْوَابٌ مَّوْضُوْعَةٌ ﴿١٤﴾ وَّنَمَارِقُ
مَصْفُوْفَةٌ ﴿١٥﴾ وَّزَرَابِيُّ مَبْثُوْثَةٌ ﴿١٦﴾ اَفَلَا يَنْظُرُوْنَ اِلَى الْاِبِلِ
كَيْفَ خُلِقَتْ ﴿١٧﴾ وَاِلَى السَّمَآءِ كَيْفَ رُفِعَتْ ﴿١٨﴾ وَاِلَى الْجِبَالِ
كَيْفَ نُصِبَتْ ﴿١٩﴾ وَاِلَى الْاَرْضِ كَيْفَ سُطِحَتْ ﴿٢٠﴾ فَذَكِّرْ
اِنَّمَآ اَنْتَ مُذَكِّرٌ ﴿٢١﴾ لَسْتَ عَلَيْهِمْ بِمُصَيْطِرٍ ﴿٢٢﴾ اِلَّا مَنْ
تَوَلّٰى وَكَفَرَ ﴿٢٣﴾ فَيُعَذِّبُهُ اللّٰهُ الْعَذَابَ الْاَكْبَرَ ﴿٢٤﴾ اِنَّ اِلَيْنَآ
اِيَابَهُمْ ﴿٢٥﴾ ثُمَّ اِنَّ عَلَيْنَا حِسَابَهُمْ ﴿٢٦﴾

## سُوْرَةُ الْفَجْرِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ
وَالْفَجْرِ ﴿١﴾ وَلَيَالٍ عَشْرٍ ﴿٢﴾ وَّالشَّفْعِ وَالْوَتْرِ ﴿٣﴾ وَالَّيْلِ اِذَا
يَسْرِ ﴿٤﴾ هَلْ فِيْ ذٰلِكَ قَسَمٌ لِّذِيْ حِجْرٍ ﴿٥﴾ اَلَمْ تَرَ كَيْفَ فَعَلَ
رَبُّكَ بِعَادٍ ﴿٦﴾ اِرَمَ ذَاتِ الْعِمَادِ ﴿٧﴾ الَّتِيْ لَمْ يُخْلَقْ مِثْلُهَا
فِي الْبِلَادِ ﴿٨﴾ وَثَمُوْدَ الَّذِيْنَ جَابُوا الصَّخْرَ بِالْوَادِ ﴿٩﴾

ڪيئي مُنهن اُن ڏينهن تازا هوندا (٨). پنهنجيءَ ڪمائيءَ کان راضي هوندا (٩). مٿاهين بهشت ۾ رهندا (١٠). اُتي ڪا اجائي ڳالهه نہ ٻڌندين (١١). اُتي چشما وهندڙ آهن (١٢). اُتي بلند پلنگ (هوندا) (١٣). ۽ آبخورا رکيل (١٤). ۽ وهاڻا قطار ڪري رکيل (١٥). ۽ غاليچا وڇايل آهن (١٦). (ماڻهو) اُٺن ڏانهن نہ ڏسندا آهن ڇا تہ ڪيئن خلقيا ويا (١٧). ۽ آسمان ڏانهن تہ ڪيئن بلند ڪيو ويو؟ (١٨). ۽ جبلن ڏانهن تہ ڪيئن کوڙيا ويا؟ (١٩). ۽ زمين ڏانهن تہ ڪيئن وڇائي ويئي؟ (٢٠). پوءِ (اي پيغمبر!) تون نصيحت ڪر، جو تون رڳو نصيحت ڪرڻ وارو آهين (٢١). تون مٿن ڪو داروغو نہ آهين (٢٢). پر جنهن منهن موڙيو ۽ ڪفر ڪيو (٢٣). تنهن کي الله وڏي عذاب جي سزا ڏيندو (٢٤). بيشڪ اسان ڏانهن سندن موٽڻ آهي (٢٥). وري بيشڪ سندن حساب (وٺڻ) اسان جي ذمي آهي (٢٦).

## سورة الفجر مڪي آهي ۽ هن ۾ ٽيهہ آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

پرهہ جو قسم آهي (١). ۽ (ذوالحج وارن) ڏهن راتين جو قسم آهي (٢). ۽ ٻڌيءَ ۽ اڪيءَ جو قسم آهي (٣). ۽ رات جو قسم آهي، جڏهن هلي (٤). ڏيان واري لاءِ هن (قسمن) ۾ ڪو (پروسي جوڳو) قسم آهي (يا نہ؟) (٥). نہ ڏٺئي ڇا تہ (قوم) عاد سان تنهنجي پالڻهار ڪيئن ڪيو؟ (٦). (جي) اِرم وارا وڏن ٿنڀن (جي عمارتن) وارا هيا (٧). جن جهڙو شهرن ۾ ڪوئي نہ خلقيو ويو آهي (٨). ۽ (قوم) ثمود سان (ڪيئن ڪيائين!) جن وادي ۾ (گهرن ناهڻ لاءِ) پهڻن جون ڇپون گهڙيون هيون (٩).

وَفِرْعَوْنَ ذِی الْاَوْتَادِ ۙ﴿۱۰﴾ الَّذِیْنَ طَغَوْا فِی الْبِلَادِ ۙ﴿۱۱﴾
فَاَكْثَرُوْا فِیْهَا الْفَسَادَ ۙ﴿۱۲﴾ فَصَبَّ عَلَیْهِمْ رَبُّكَ سَوْطَ
عَذَابٍ ۚۙ﴿۱۳﴾ اِنَّ رَبَّكَ لَبِالْمِرْصَادِ ؕ﴿۱۴﴾ فَاَمَّا الْاِنْسَانُ اِذَا مَا
ابْتَلٰىهُ رَبُّهٗ فَاَكْرَمَهٗ وَ نَعَّمَهٗ ۙ۬ فَیَقُوْلُ رَبِّیْۤ اَكْرَمَنِ ؕ﴿۱۵﴾
وَ اَمَّاۤ اِذَا مَا ابْتَلٰىهُ فَقَدَرَ عَلَیْهِ رِزْقَهٗ ۙ۬ فَیَقُوْلُ رَبِّیْۤ
اَهَانَنِ ۚ﴿۱۶﴾ كَلَّا بَلْ لَّا تُكْرِمُوْنَ الْیَتِیْمَ ۙ﴿۱۷﴾ وَ لَا تَحٰٓضُّوْنَ
عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِیْنِ ۙ﴿۱۸﴾ وَ تَاْكُلُوْنَ التُّرَاثَ اَكْلًا لَّمًّا ۙ﴿۱۹﴾
وَّ تُحِبُّوْنَ الْمَالَ حُبًّا جَمًّا ؕ﴿۲۰﴾ كَلَّاۤ اِذَا دُكَّتِ الْاَرْضُ دَكًّا
دَكًّا ۙ﴿۲۱﴾ وَّ جَآءَ رَبُّكَ وَ الْمَلَكُ صَفًّا صَفًّا ۚ﴿۲۲﴾ وَ جِایْٓءَ
یَوْمَىٕذٍۭ بِجَهَنَّمَ ۙ۬ یَوْمَىٕذٍ یَّتَذَكَّرُ الْاِنْسَانُ وَ اَنّٰى لَهُ
الذِّكْرٰى ؕ﴿۲۳﴾ یَقُوْلُ یٰلَیْتَنِیْ قَدَّمْتُ لِحَیَاتِیْ ۚ﴿۲۴﴾ فَیَوْمَىٕذٍ
لَّا یُعَذِّبُ عَذَابَهٗۤ اَحَدٌ ۙ﴿۲۵﴾ وَّ لَا یُوْثِقُ وَثَاقَهٗۤ
اَحَدٌ ؕ﴿۲۶﴾ یٰۤاَیَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَىٕنَّةُ ۙۗ﴿۲۷﴾ ارْجِعِیْۤ اِلٰى
رَبِّكِ رَاضِیَةً مَّرْضِیَّةً ۚ﴿۲۸﴾ فَادْخُلِیْ فِیْ عِبٰدِیْ ۙ﴿۲۹﴾
وَ ادْخُلِیْ جَنَّتِیْ ع﴿۳۰﴾

۽ ميخن واري فرعون سان (ڪيئن ڪيائين) (١٠). انهن (مڙني ٽولين) شهرن ۾ سرڪشي ڪئي (١١). پوءِ منجهس فساد گهڻو ڪيائون (١٢). تنهن ڪري تنهنجي پالڻهار مٿن عذاب جو چهبڪ وَهايو (١٣). بيشڪ تنهنجو پالڻهار گهٽَ (واري هنڌ) ۾ (عملن ڪي ڏسندڙ) آهي (١٤). پوءِ ماڻهو ڪي جڏهن سندس پالڻهار (هن طرح) پرکيندو آهي جو ان ڪي مانوارو ڪندو آهي ۽ نعمت ڏيندو اٿس، تڏهن چوندو آهي ته منهنجي پالڻهار مون ڪي نوازيو (١٥). ۽ جڏهن ڪيس (ٻيءَ طرح هيئن) پرکيندو آهي، جو مٿس سندس روزي تنگ ڪندو آهي، تڏهن چوندو آهي ته منهنجي پالڻهار مون ڪي بي مانو ڪيو (١٦). (هرگز) ائين نه آهي. بلڪ ڇوري ٻار ڪي تعظيم نه ڏيندا آهيو (١٧). ۽ نڪي مسڪين جي کارائڻ تي هڪ ٻئي ڪي رغبت ڏياريندا آهيو (١٨). ۽ مئن جو مال سموروئي ڳهي ويندا آهيو (١٩). ۽ گهڻي محبت سان مال ڪي پيارو رکندا آهيو (٢٠). ائين نه ڪجي. جڏهن زمين (جي اوچائي) ڪُٽي ڪُٽي سنئين ڪئي ويندي (٢١). ۽ تنهنجو پالڻهار ايندو ۽ ملائڪ قطار قطار ٿي (ايندا) (٢٢). ۽ اُن ڏينهن دوزخ ڪي آڻبو، اُن ڏينهن ماڻهو نصيحت وٺندو ۽ اُنهيءَ مهل اُها (نصيحت وٺڻ) ڪٿي فائدي واري آهي! (٢٣). چوندو ته هَئِ ارمان! جيڪر پنهنجي (هن هميشه جي) حياتيءَ لاءِ (ڪجهه) اڳي موڪليان ها (٢٤). پوءِ اُنهيءَ ڏينهن الله جي عذاب جهڙو ڪوبه ڪونه عذاب ڪندو (٢٥). ۽ نڪو ڪو الله جي قيد ڪرڻ جهڙو قيد ڪندو (٢٦). (مؤمنن ڪي چئبو ته) اي آرام وٺڻ وارا ساهه! (٢٧). تون پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽي هل (تون ان کان) راضي ٿيل آهين، (هُو توکان) راضي ٿيل آهي (٢٨). تنهن ڪري (تون) منهنجي (خاص) ٻانهن (جي ٽوليءَ) ۾ داخل ٿيءُ (٢٩). ۽ منهنجي بهشت ۾ گهڙ (٣٠).

## سُورَةُ البَلَدِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

لَآ اُقْسِمُ بِهٰذَا الْبَلَدِ ۙ ١ وَاَنْتَ حِلٌّ بِهٰذَا الْبَلَدِ ۙ ٢ وَوَالِدٍ وَّمَا
وَلَدَ ۙ ٣ لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْ كَبَدٍ ؕ ٤ اَيَحْسَبُ اَنْ لَّنْ يَّقْدِرَ
عَلَيْهِ اَحَدٌ ۘ ٥ يَقُوْلُ اَهْلَكْتُ مَالًا لُّبَدًا ؕ ٦ اَيَحْسَبُ اَنْ لَّمْ يَرَهٗۤ
اَحَدٌ ؕ ٧ اَلَمْ نَجْعَلْ لَّهٗ عَيْنَيْنِ ۙ ٨ وَلِسَانًا وَّشَفَتَيْنِ ۙ ٩ وَهَدَيْنٰهُ
النَّجْدَيْنِ ۚ ١٠ فَلَا اقْتَحَمَ الْعَقَبَةَ ۖ ١١ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الْعَقَبَةُ ؕ ١٢ فَكُّ
رَقَبَةٍ ۙ ١٣ اَوْ اِطْعٰمٌ فِيْ يَوْمٍ ذِيْ مَسْغَبَةٍ ۙ ١٤ يَّتِيْمًا ذَا مَقْرَبَةٍ ۙ ١٥
اَوْ مِسْكِيْنًا ذَا مَتْرَبَةٍ ؕ ١٦ ثُمَّ كَانَ مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَتَوَاصَوْا
بِالصَّبْرِ وَتَوَاصَوْا بِالْمَرْحَمَةِ ؕ ١٧ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْمَيْمَنَةِ ؕ ١٨
وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِنَا هُمْ اَصْحٰبُ الْمَشْئَمَةِ ؕ ١٩ عَلَيْهِمْ نَارٌ مُّؤْصَدَةٌ ؑ ٢٠

## سُورَةُ الشَّمْسِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

وَالشَّمْسِ وَضُحٰىهَا ۙ ١ وَالْقَمَرِ اِذَا تَلٰىهَا ۙ ٢ وَالنَّهَارِ اِذَا
جَلّٰىهَا ۙ ٣ وَالَّيْلِ اِذَا يَغْشٰىهَا ۙ ٤ وَالسَّمَآءِ وَمَا بَنٰىهَا ۙ ٥

سورة البلد مڪي آهي ۽ هن ۾ ويهہ
آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي

اللّٰه ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

هن شهر (مڪي) جو قسم کڻان ٿو (١). ۽ تون هن شهر ۾ (تہ) رهندڙ آهين (٢). ۽ ڄڻيندڙ جو (قسم کڻان ٿو) ۽ اُن جو جيڪو ڄايو (٣). تہ بيشڪ ماڻهو کي ڏک ۾ (پوڻ لاءِ) خلقيو سون (۴). (ماڻهو) ڀانئيندو آهي ڇا تہ مٿس ڪو بہ غالب نہ ٿيندو؟ (٥). چوي ٿو تہ، مون تمام گهڻو مال کپايو (٦). ڀانئيندو آهي ڇا تہ ڪنهن ڪونہ ڏٺو اٿس؟ (٧). ڪيس بہ اکيون نہ ڏنيون اٿئون ڇا؟ (٨). ۽ زبان ۽ بہ چپ بہ؟ (٩). ۽ بہ رستا ڏيکارياسونس (١٠). پوءِ بہ ڪو سخت لڪ نہ لنگهيو (١١). ۽ ڪنهن سمجهايئي تہ سخت لڪ ڇا آهي؟ (١٢). ٻانهو آجو ڪرڻ آهي (١٣). يا بک جي ڏينهن ۾ کاڌو کارائڻ (١۴). مائٽيءَ واري ڇوري ٻار کي (١٥). يا مٽيءَ ۾ رلندڙ محتاج کي (١٦). اُن کان پوءِ (اُهو) مؤمنن مان هجي ۽ هڪ ٻئي کي صبر جي وصيت ڪيائون ۽ (پڻ) هڪ ٻئي کي (خلق تي) ٻاجھ ڪرڻ جي وصيت ڪيائون (١٧). اُهي نيڪ بخت سڄي پاسي وارا آهن (١٨). ۽ جن اسان جي آيتن جو انڪار ڪيو سي بدبخت کٻي پاسي وارا آهن (١٩). مٿن دميل باھ ڇوڏاري ويڙهيل (موڪلبي) (٢٠).

سورة الشمس مڪي آهي ۽ هن ۾ پندرهن
آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي

اللّٰه ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

سج ۽ ان جي سوجهري جو قسم آهي (١). ۽ چنڊ جو قسم آهي، جڏهن اُن جي پوٺتان اچي (٢). ۽ ڏينهن جو (قسم آهي) جڏهن سج کي روشن ڪري (٣). ۽ رات جو (قسم آهي) جڏهن سج کي ڍڪي (۴). ۽ آسمان جو ۽ اُن جو (قسم آهي) جنهن اُن کي ٺاهيو (٥).

وَالْاَرْضِ وَمَا طَحٰىهَا ۝۶ وَنَفْسٍ وَّمَا سَوّٰىهَا ۝۷ فَاَلْهَمَهَا فُجُوْرَهَا
وَتَقْوٰىهَا ۝۸ قَدْ اَفْلَحَ مَنْ زَكّٰىهَا ۝۹ وَقَدْ خَابَ مَنْ دَسّٰىهَا ۝۱۰
كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ بِطَغْوٰىهَآ ۝۱۱ اِذِ انْۢبَعَثَ اَشْقٰىهَا ۝۱۲ فَقَالَ لَهُمْ
رَسُوْلُ اللّٰهِ نَاقَةَ اللّٰهِ وَسُقْيٰهَا ۝۱۳ فَكَذَّبُوْهُ فَعَقَرُوْهَا فَدَمْدَمَ
عَلَيْهِمْ رَبُّهُمْ بِذَنْۢبِهِمْ فَسَوّٰىهَا ۝۱۴ وَلَا يَخَافُ عُقْبٰهَا ۝۱۵

## سُوْرَةُ الَّيْلِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

وَالَّيْلِ اِذَا يَغْشٰى ۝۱ وَالنَّهَارِ اِذَا تَجَلّٰى ۝۲ وَمَا خَلَقَ الذَّكَرَ
وَالْاُنْثٰٓى ۝۳ اِنَّ سَعْيَكُمْ لَشَتّٰى ۝۴ فَاَمَّا مَنْ اَعْطٰى وَاتَّقٰى ۝۵
وَصَدَّقَ بِالْحُسْنٰى ۝۶ فَسَنُيَسِّرُهٗ لِلْيُسْرٰى ۝۷ وَاَمَّا مَنْۢ
بَخِلَ وَاسْتَغْنٰى ۝۸ وَكَذَّبَ بِالْحُسْنٰى ۝۹ فَسَنُيَسِّرُهٗ
لِلْعُسْرٰى ۝۱۰ وَمَا يُغْنِيْ عَنْهُ مَالُهٗٓ اِذَا تَرَدّٰى ۝۱۱ اِنَّ عَلَيْنَا
لَلْهُدٰى ۝۱۲ وَاِنَّ لَنَا لَلْاٰخِرَةَ وَالْاُوْلٰى ۝۱۳ فَاَنْذَرْتُكُمْ نَارًا
تَلَظّٰى ۝۱۴ لَا يَصْلٰىهَآ اِلَّا الْاَشْقَى ۝۱۵ الَّذِيْ كَذَّبَ وَتَوَلّٰى ۝۱۶
وَسَيُجَنَّبُهَا الْاَتْقَى ۝۱۷ الَّذِيْ يُؤْتِيْ مَالَهٗ يَتَزَكّٰى ۝۱۸

۽ زمين جو ۽ اُن جو (قسم آهي) جنهن اُن کي پکيڙيو (٦). ۽ (ماڻهوءَ جي) جِيءَ جو ۽ اُن جو (قسم آهي) جنهن اُن کي جوڙي برابر ڪيو (٧). پوءِ سندس بدڪاري ۽ سندس پرهيزگاريءَ (جي سڃاڻ) اُندر ۾ وڌائينس (٨). (قسم کڻڻ جو غرض هيءُ آهي تہ) جنهن اُن (نفس) کي (بدڪاريءَ کان) پاڪ ڪيو سو بيشڪ ڇٽو (٩). ۽ جنهن اُن کي (گناهن ۾) پوري ڇڏيو، سو بيشڪ ٽوٽي وارو ٿيو (١٠). (قوم) ثمود پنهنجيءَ سرڪشيءَ سببان (پيغمبر کي) ڪوڙو ڀانيو (١١). جڏهن منجهائن بلڪل نياڳو اُٿيو (١٢). پوءِ الله جي پيغمبر کين چيو تہ الله جي ڏاچيءَ ۽ اُن جي پاڻي پيڻ کي اَڏو نہ ٿيو (١٣). پوءِ پيغمبر کي ڪوڙو ڀانيائون، ۽ ڏاچيءَ جون ڪچون ڪپيائون پوءِ سندن گناهن سببان سندن پالڻهار مٿن عذاب پلٽيو، پوءِ اُن (سزا) کي (سڀني تي) هڪ جهڙو ڪري ڇڏيائين (١٤). ۽ (الله) اُن (سزا) جي پڇاڙيءَ کان نہ ٿو ڊڄي (١٥).

## سورة الّيل مڪي آهي ۽ هن ۾ ايڪويهہ آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

رات جو قسم آهي جڏهن ڍڪي ٿي (١). ۽ ڏينهن جو (قسم آهي) جڏهن روشن ٿئي ٿو (٢). ۽ ان جو (قسم آهي) جنهن نر ۽ مادي خلقي (٣). تہ بيشڪ اوهان جي ڪوشش قسمين قسمين آهي (٤). پوءِ جنهن (الله لڳ) ڏنو ۽ پرهيزگاري ڪئي (٥). ۽ چڱائيءَ (اسلام ۽ آخرت) کي سچ ڄاتو (٦). تنهن کي (نجات جو) آسان رستو سهنجو ڪري ڏينداسين (٧). ۽ جنهن (الله جي حق ڏيڻ کان) بخل ڪيو ۽ (پاڻ کي) بي پرواهہ ڄاتو (٨). ۽ چڱائيءَ (اسلام ۽ آخرت) کي ڪوڙو ڀانيو (٩). تنهن کي اوکائيءَ (۾ پوڻ) لاءِ (رستو) آسان ڪري ڏينداسين (١٠). ۽ جڏهن (دوزخ جي) کڏ ۾ اونڌو ڪرندو، تڏهن سندس مال کانئس (ڪجهہ) نہ ٽاريندو (١١). بيشڪ سڌو رستو ڏيکارڻ اسان تي (لازم) آهي (١٢). ۽ بيشڪ آخرت ۽ دنيا (ٻئي) اسان جي وس ۾ آهن (١٣). پوءِ اوهان کي باهہ کان ڊيڄاريم جو ڄڀي ڪري ٿي (١٤). (اهڙي) وڏي نياڳي کان سواءِ (ٻيو) ڪو اُن ۾ ڪونہ گهڙندو (١٥). جنهن (اسلام کي) ڪوڙ ڄاتو ۽ ڦيرو ٿيو (١٦). ۽ اُن (باهہ) کان اُنهيءَ وڏي پرهيزگار کي پاسي ڪبو (١٧). جيڪو پنهنجو مال (الله جي واٽ ۾) ڏئي ٿو تہ پاڪ (دل) ٿئي (١٨).

وَمَا لِاَحَدٍ عِنْدَهٗ مِنْ نِّعْمَةٍ تُجْزٰٓی ﴿١٩﴾ اِلَّا ابْتِغَآءَ وَجْهِ
رَبِّهِ الْاَعْلٰی ﴿٢٠﴾ وَلَسَوْفَ يَرْضٰی ﴿٢١﴾

## سُوْرَةُ الضُّحٰی

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○
وَالضُّحٰی ﴿١﴾ وَالَّيْلِ اِذَا سَجٰی ﴿٢﴾ مَا وَدَّعَكَ رَبُّكَ وَمَا قَلٰی ﴿٣﴾
وَلَلْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لَّكَ مِنَ الْاُوْلٰی ﴿٤﴾ وَلَسَوْفَ يُعْطِيْكَ رَبُّكَ
فَتَرْضٰی ﴿٥﴾ اَلَمْ يَجِدْكَ يَتِيْمًا فَاٰوٰی ﴿٦﴾ وَوَجَدَكَ ضَآلًّا
فَهَدٰی ﴿٧﴾ وَوَجَدَكَ عَآئِلًا فَاَغْنٰی ﴿٨﴾ فَاَمَّا الْيَتِيْمَ فَلَا تَقْهَرْ ﴿٩﴾
وَاَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنْهَرْ ﴿١٠﴾ وَاَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ ﴿١١﴾

## سُوْرَةُ الشَّرْحِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○
اَلَمْ نَشْرَحْ لَكَ صَدْرَكَ ﴿١﴾ وَوَضَعْنَا عَنْكَ وِزْرَكَ ﴿٢﴾
الَّذِيْٓ اَنْقَضَ ظَهْرَكَ ﴿٣﴾ وَرَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ ﴿٤﴾ فَاِنَّ مَعَ
الْعُسْرِ يُسْرًا ﴿٥﴾ اِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ﴿٦﴾ فَاِذَا فَرَغْتَ فَانْصَبْ ﴿٧﴾
وَاِلٰی رَبِّكَ فَارْغَبْ ﴿٨﴾

۽ مـتـس (اهڙي) ڪنـهن جو ڪو احسان تـيـل نہ آهي، جنهن جو بدلو ڏجي (١٩). پر پنهنجي تمام مٿاهين پالڻهار جي رضامندي طلبڻ لاءِ (ڏئي ٿو) (٢٠). ۽ ضرور جلد خوش ٿيندو (٢١).

**سورة الضحيٰ مڪي آهي ۽ هن ۾ يارهن آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي**

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

مٿـي آيل ڏينـهـن جو قسـم آهي (١). ۽ رات جو (قسم آهي) جڏهن ڍڪي ٿـي (٢). تہ (اي پيغمبر!) تنهنجي پالڻهار توکي نہ ڇڏيو ۽ نڪي ناراض ٿيو (٣). ۽ بيشڪ آخرت تو لاءِ دنيا کان گهڻو چڱي آهي (۴). ۽ تنهنجو پالڻهار توکي سگهوئي (ايترو) ڏيندو جو (تون) خوش ٿيندين (٥). تو کي يتيم نہ ڏٺائين ڇا؟ پوءِ (توکي) جاءِ ڏنائين (٦). ۽ تـوکـي ناواقف ڏٺـائين پوءِ (شريعت جي) رستـي لاتائين (٧). ۽ توکي مسڪين ڏٺـائين، پوءِ آسودو ڪيائين (٨). تنهن ڪري يتيم تي (تون) ڏاڍ نہ ڪر (٩). ۽ سواليءَ کي نہ جهڻڪ (١٠). ۽ پنهنجي پالڻهار جي نعمت جو بيان ڪندو رهہ (١١).

**سورة الشرح مڪي آهي ۽ هن ۾ اٺ آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي**

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

(اي پيغمبر!) تنهنجو سينو تو لاءِ ڪشادو نہ ڪيو اٿئون ڇا؟ (١). ۽ تنهنجو (اُهو) بار تو کان لاٿـوسون (٢). جنهن تنهنجي پٺـيءَ کي ڳرو ڪيو هو (٣). ۽ تنهنجي ساراهہ تو لاءِ مٿاهين ڪئي سون (۴). جو تہ بيشڪ اَهنج سان گڏ سهنج آهي (٥). بيشڪ اهنج سان گڏ سهنج آهي (٦). تنهـن ڪري جڏهـن واندو ٿـئين تڏهن (عبادت لاءِ) ڪڙو ٿـيءُ (٧). ۽ خاص پنهنجي پالڻهار ڏانهن دل لڳاءِ (٨).

## سُوْرَةُ التِّيْنِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

وَالتِّيْنِ وَالزَّيْتُوْنِ ﴿١﴾ وَطُوْرِ سِيْنِيْنَ ﴿٢﴾ وَهٰذَا الْبَلَدِ الْاَمِيْنِ ﴿٣﴾
لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْٓ اَحْسَنِ تَقْوِيْمٍ ﴿٤﴾ ثُمَّ رَدَدْنٰهُ اَسْفَلَ
سٰفِلِيْنَ ﴿٥﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَلَهُمْ اَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُوْنٍ ﴿٦﴾
فَمَا يُكَذِّبُكَ بَعْدُ بِالدِّيْنِ ﴿٧﴾ اَلَيْسَ اللّٰهُ بِاَحْكَمِ الْحٰكِمِيْنَ ﴿٨﴾

## سُوْرَةُ الْعَلَقِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِيْ خَلَقَ ﴿١﴾ خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ عَلَقٍ ﴿٢﴾
اِقْرَاْ وَرَبُّكَ الْاَكْرَمُ ﴿٣﴾ الَّذِيْ عَلَّمَ بِالْقَلَمِ ﴿٤﴾ عَلَّمَ الْاِنْسَانَ مَا
لَمْ يَعْلَمْ ﴿٥﴾ كَلَّآ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَيَطْغٰٓى ﴿٦﴾ اَنْ رَّاٰهُ اسْتَغْنٰى ﴿٧﴾ اِنَّ
اِلٰى رَبِّكَ الرُّجْعٰى ﴿٨﴾ اَرَءَيْتَ الَّذِيْ يَنْهٰى ﴿٩﴾ عَبْدًا اِذَا صَلّٰى ﴿١٠﴾
اَرَءَيْتَ اِنْ كَانَ عَلَى الْهُدٰٓى ﴿١١﴾ اَوْ اَمَرَ بِالتَّقْوٰى ﴿١٢﴾ اَرَءَيْتَ اِنْ
كَذَّبَ وَتَوَلّٰى ﴿١٣﴾ اَلَمْ يَعْلَمْ بِاَنَّ اللّٰهَ يَرٰى ﴿١٤﴾ كَلَّا لَئِنْ لَّمْ يَنْتَهِ ڏ
لَنَسْفَعًاۢ بِالنَّاصِيَةِ ﴿١٥﴾ نَاصِيَةٍ كَاذِبَةٍ خَاطِئَةٍ ﴿١٦﴾ فَلْيَدْعُ نَادِيَهٗ ﴿١٧﴾

سورة التين مڪي آهي ۽ هن ۾ اٺ
آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

انجير ۽ زيتون جو قسم آهي (١). ۽ طورسينا جو (٢). ۽ هن امن واري شهر (مڪي) جو (٣). ته بيشڪ انسان کي تمام سهڻي اندازي (۽ صورت) ۾ پيدا ڪيوسون (۴). وري سڀني هيناهين کان هيٺ موٽايوسونس (٥). پر جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا، تن لاءِ اڻ کٽ اجر آهي (٦). پوءِ (اي انسان!) هن (نصيحت) کان بعد ڪهڙي شيءِ تو کي عملن جي بدلي ملڻ بابت منڪر بڻائي ٿي (٧). حاڪمن جو وڏو حاڪم الله نه آهي ڇا؟ (٨).

سورة العلق مڪي آهي ۽ هن ۾ اُڻويهه
آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

(اي پيغمبر!) پنهنجي پالڻهار جي نالي سان پڙهه جنهن (سارو جڳ) خلقيو (١). ماڻهوءَ کي رت جي دڳ مان بڻايائين (٢). پڙهه ۽ تنهنجو پالڻهار ڏاڍو سڳورو آهي (٣). جنهن (ماڻهوءَ کي علم) قلم سان سيکاريو (۴). اُهي (ڳالهيون) ماڻهوءَ کي سيکاريائين جي نه ڄاڻندو هو (٥). سچ آهي ته بيشڪ ماڻهو سرڪشي ڪندو آهي (٦). جڏهن اُهو پاڻ کي بي پرواه ڏسندو آهي (٧). بيشڪ تنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽي وڃڻو آهي (٨). اُهو ڏٺو اٿيئي ڇا جيڪو جهليندو آهي؟ (٩). (منهنجي) ٻانهي کي جڏهن اُهو نماز پڙهندو آهي (١٠). ڏٺو اٿيئي ڇا ته جيڪڏهن (اُهو ماڻهو) سڌي رستي تي هجي ها! (١١). يا پرهيزگاريءَ جو حڪم ڪري ها (١٢). ڏٺو اٿيئي ڇا ته جيڪڏهن ڪوڙ ڀانيائين ۽ پٺيرو ٿيو (١٣). ته (هيءُ) نه ڄاتائين ڇا؟ ته الله ڏسي ٿو (١۴). ائين نه آهي! قسم آهي ته جيڪڏهن پاڻ نه پليندو ته ضرور پيشانيءَ جي وارن کان وٺي گهليندا سونس (١٥). اُها پيشاني ڪوڙي گنهگار آهي (١٦). پوءِ ڀلي ته پنهنجي ڪچهريءَ وارن کي سڏي (١٧).

سَنَدْعُ الزَّبَانِيَةَ ﴿١٨﴾ كَلَّا ؕ لَا تُطِعْهُ وَاسْجُدْ وَاقْتَرِبْ ﴿١٩﴾ ۩

## سُوْرَةُ الْقَدْرِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

اِنَّاۤ اَنْزَلْنٰهُ فِیْ لَيْلَةِ الْقَدْرِ ﴿١﴾ وَمَاۤ اَدْرٰىكَ مَا لَيْلَةُ الْقَدْرِ ﴿٢﴾ؕ لَيْلَةُ

الْقَدْرِ ۙ خَيْرٌ مِّنْ اَلْفِ شَهْرٍ ﴿٣﴾ؕ تَنَزَّلُ الْمَلٰٓىِٕكَةُ وَالرُّوْحُ فِيْهَا

بِاِذْنِ رَبِّهِمْ ۚ مِّنْ كُلِّ اَمْرٍ ﴿٤﴾ۛ سَلٰمٌ ۛ هِیَ حَتّٰى مَطْلَعِ الْفَجْرِ ﴿٥﴾

## سُوْرَةُ الْبَيِّنَةِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

لَمْ يَكُنِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ وَالْمُشْرِكِيْنَ مُنْفَكِّيْنَ

حَتّٰى تَاْتِيَهُمُ الْبَيِّنَةُ ﴿١﴾ۙ رَسُوْلٌ مِّنَ اللّٰهِ يَتْلُوْا صُحُفًا مُّطَهَّرَةً ﴿٢﴾ۙ

فِيْهَا كُتُبٌ قَيِّمَةٌ ﴿٣﴾ؕ وَمَا تَفَرَّقَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ اِلَّا مِنْۢ

بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنَةُ ﴿٤﴾ؕ وَمَاۤ اُمِرُوْۤا اِلَّا لِيَعْبُدُوا اللّٰهَ

مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ۙ۬ حُنَفَآءَ وَيُقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوا الزَّكٰوةَ

وَذٰلِكَ دِيْنُ الْقَيِّمَةِ ﴿٥﴾ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ وَ

الْمُشْرِكِيْنَ فِیْ نَارِ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ اُولٰٓىِٕكَ هُمْ شَرُّ الْبَرِيَّةِ ﴿٦﴾ؕ

اسين ۽ دوزخ جي داروغن کي سڏيندا سون (١٨). اِئين نه آهي. تون چيو نه مڃينس ۽ سجدو ڪر ۽ (الله کي) ويجهو ٿيءُ (١٩).

**سورة القدر مڪي آهي ۽ هن ۾ پنج**
**آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي**

**الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)**

بيشڪ اسان قرآن شب قدر ۾ لاٿو (١). ۽ ڪنهن سمجهائيي ته شب قدر ڇا آهي؟ (٢). شب قدر هزار مهينن کان ڀلي آهي (٣). منجهس ملائڪ ۽ روح (جبريل) پنهنجي پالڻهار جي حڪم سان سڀڪنهن ڪم (جي پورائيءَ) لاءِ لهندا آهن (٤). اُنهيءَ رات پرهه ڦٽڻ تائين سلامتي آهي (٥).

**سورة البينة مدني آهي ۽ هن ۾ اٺ**
**آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي**

**الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)**

ڪتاب وارن ۽ مشرڪن مان جن ڪفر ڪيو سي (ايسين پنهنجي رسم کان) الڳ ٿيڻ وارا نه هيا جيسين وٽن پڌري حجت (نه) اچي (١). (يعني) الله جو پيغمبر، جو پاڪ صحيفا پڙهي (٢). جن ۾ سڌا سنوان لکيل حڪم هجن (٣). ۽ جن کي ڪتاب ڏنو ويو، سي پاڻ وٽ پڌريءَ حجت جي اچڻ کان پوءِ ٽولا ٽولا ٿيا (٤). ۽ هن کان سواءِ (ٻيو) ڪو حڪم نه ڪيو وين ته باطل کان منهن موڙي الله جي عبادت ڪن ۽ نماز پڙهندا رهن ۽ زڪواة ڏيندا رهن ۽ اهوئي سڌو دين آهي (٥). بيشڪ ڪتاب وارن ۽ مشرڪن مان جن ڪفر ڪيو سي دوزخ جي باهه ۾ پوندا، منجهس سدائين رهندڙ هوندا. اِهي ئي (ساريءَ) خلق کان (تمام) بڇڙا آهن (٦).

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمْ خَيْرُ الْبَرِيَّةِ ۗ ۝٧
جَزَآؤُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ
فِيْهَآ اَبَدًا ۗ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ ۗ ذٰلِكَ لِمَنْ خَشِيَ رَبَّهٗ ۝٨ ع

## سُوْرَةُ الزَّلْزَلَةِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝
اِذَا زُلْزِلَتِ الْاَرْضُ زِلْزَالَهَا ۝١ ۙ وَاَخْرَجَتِ الْاَرْضُ اَثْقَالَهَا ۝٢ ۙ
وَقَالَ الْاِنْسَانُ مَا لَهَا ۝٣ ۚ يَوْمَئِذٍ تُحَدِّثُ اَخْبَارَهَا ۝٤ ۗ بِاَنَّ
رَبَّكَ اَوْحٰى لَهَا ۝٥ ۗ يَوْمَئِذٍ يَّصْدُرُ النَّاسُ اَشْتَاتًا ۙ لِّيُرَوْا
اَعْمَالَهُمْ ۝٦ ۗ فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ ۝٧ ۗ وَمَنْ
يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ ۝٨ ع

## سُوْرَةُ الْعٰدِيٰتِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝
وَالْعٰدِيٰتِ ضَبْحًا ۝١ ۙ فَالْمُوْرِيٰتِ قَدْحًا ۝٢ ۙ فَالْمُغِيْرٰتِ صُبْحًا ۝٣ ۙ
فَاَثَرْنَ بِهٖ نَقْعًا ۝٤ ۙ فَوَسَطْنَ بِهٖ جَمْعًا ۝٥ ۙ اِنَّ الْاِنْسَانَ لِرَبِّهٖ
لَكَنُوْدٌ ۝٦ ۚ وَاِنَّهٗ عَلٰى ذٰلِكَ لَشَهِيْدٌ ۝٧ ۚ وَاِنَّهٗ لِحُبِّ الْخَيْرِ لَشَدِيْدٌ ۝٨ ۗ

بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا اِهي ئي (ساريءَ) خلق کان ڀلا آهن (٧). سندن بدلو سندن پالڻهار وٽ هميشہ جي رهڻ وارا باغ آهن، جن جِي هيٺان نهرون پيون وهن، انهن ۾ هميشہ سدائين رهندڙ هوندا الله کائن راضي ٿيو ۽ اُهي کائنس راضي ٿيا، اِهو (وعدو) اُنهيءَ لاءِ آهي، جيڪو پنهنجي پالڻهار کان ڊنو (٨).

سورة الزلزال مدني آهي ۽ هن ۾ اٺ آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

جڏهن زمين کي سندس (چڱي) ڌوڏڻ سان ڌوڏبو (١). ۽ زمين پنهنجا بار ٻاهر ڪڍندي (٢). ۽ انسان (عجب کان) چوندو تہ زمين کي ڇا ٿيو آهي! (٣). اُن ڏينهن (اُها) پنهنجيون (سڀ) خبرون بيان ڪندي (۴). هن ڪري جو تنهنجي پالڻهار ڏانهنس حڪم ڪيو آهي (٥). اُن ڏينهن ماڻهو (حساب جي جاءِ کان) ڌار ڌار ٽوليون ٿي ورندا تہ سندن عمل کين ڏيکارجن (٦). پوءِ جنهن ذري جيترو چڱو ڪم ڪيو هوندو، سو ان کي ڏسندو (٧). ۽ جنهن ذري جيترو بد ڪم ڪيو هوندو، سو اُن کي ڏسندو (٨).

سورة العاديات مڪي آهي ۽ هن ۾ يارهن آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

هانيارو هڻي ڊوڙندڙن گهوڙن جو قسم آهي (١). پوءِ پهڻن تي نعلن هڻڻ سان چڻنگن ڪڍندڙن (گهوڙن) جو قسم آهي (٢). پوءِ صبح جي مهل لُٽ ڪندڙ (گهوڙن) جو قسم آهي (٣). جو اُن مهل رئي اُٿارين (۴). پوءِ اُن گهڙيءَ (دشمنن جي) ٽوليءَ جي وچ ۾ پون (٥). تہ بيشڪ ماڻهو پنهنجي پالڻهار جو وڏو بي شڪر آهي (٦). ۽ بيشڪ اُهو پاڻ اُنهيءَ تي شاهد آهي (٧). ۽ بيشڪ اُهو مال جي محبت ۾ ڏاڍو سخت آهي (٨).

أَفَلَا يَعْلَمُ إِذَا بُعْثِرَ مَا فِي الْقُبُورِ ﴿٩﴾ وَحُصِّلَ مَا فِي الصُّدُورِ ﴿١٠﴾
إِنَّ رَبَّهُمْ بِهِمْ يَوْمَئِذٍ لَّخَبِيرٌ ﴿١١﴾

## سُورَةُ الْقَارِعَةِ

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

الْقَارِعَةُ ﴿١﴾ مَا الْقَارِعَةُ ﴿٢﴾ وَمَا أَدْرَاكَ مَا الْقَارِعَةُ ﴿٣﴾
يَوْمَ يَكُونُ النَّاسُ كَالْفَرَاشِ الْمَبْثُوثِ ﴿٤﴾ وَتَكُونُ الْجِبَالُ
كَالْعِهْنِ الْمَنفُوشِ ﴿٥﴾ فَأَمَّا مَن ثَقُلَتْ مَوَازِينُهُ ﴿٦﴾ فَهُوَ
فِي عِيشَةٍ رَّاضِيَةٍ ﴿٧﴾ وَأَمَّا مَنْ خَفَّتْ مَوَازِينُهُ ﴿٨﴾ فَأُمُّهُ
هَاوِيَةٌ ﴿٩﴾ وَمَا أَدْرَاكَ مَا هِيَهْ ﴿١٠﴾ نَارٌ حَامِيَةٌ ﴿١١﴾

## سُورَةُ التَّكَاثُرِ

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

أَلْهَاكُمُ التَّكَاثُرُ ﴿١﴾ حَتَّىٰ زُرْتُمُ الْمَقَابِرَ ﴿٢﴾ كَلَّا سَوْفَ
تَعْلَمُونَ ﴿٣﴾ ثُمَّ كَلَّا سَوْفَ تَعْلَمُونَ ﴿٤﴾ كَلَّا لَوْ تَعْلَمُونَ عِلْمَ
الْيَقِينِ ﴿٥﴾ لَتَرَوُنَّ الْجَحِيمَ ﴿٦﴾ ثُمَّ لَتَرَوُنَّهَا عَيْنَ الْيَقِينِ ﴿٧﴾
ثُمَّ لَتُسْأَلُنَّ يَوْمَئِذٍ عَنِ النَّعِيمِ ﴿٨﴾

(اُنهيءَ وقت کي) نہ ڄاڻندو آهي ڇا، جنهن وقت اُنهن کي اُٿاربو جيڪي قبرن ۾ آهن؟ (٩). ۽ جيڪي سينن ۾ آهي سو پـڌرو ڪبو (١٠). بيشڪ اُن ڏينهن سندن پالڻهار سندن (حال جي) خبر رکندڙ آهي (١١).

سورة القارعة مکي آهي ۽ هن ۾ يارهن
آيتون ۽ هڪ رکوع آهي

اللّٰه ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

سخت ٺوڪيندڙ (١). (اُها) سخت ٺوڪيندڙ ڇا آهي؟ (٢). ۽ ڪنهن سمجهايئي تہ (اُها) سخت ٺوڪيندڙ ڇا آهي؟ (٣). جنهن ڏينهن ماڻهو پکڙيل پتنگن وانگر هوندا (٤). ۽ جبل تنبيل رڱيل اُنّ جيان هوندا (٥). پوءِ جنهن (جي عملن) جا پلڙا ڳرا ٿيا (٦). سو دل پسند زندگي ۾ هوندو (٧). ۽ جنهن (جي عملن) جا پلڙا هلڪا ٿيا (٨). تنهن (جي رهڻ) جي جاءِ هاويہ آهي (٩). ۽ ڪنهن سمجهايئي تہ اُها (هاويہ) ڇا آهي؟ (١٠). هڪ ٻرندڙ باھ آهي (١١).

سورة التڪاثر مکي آهي ۽ هن ۾ اٺ
آيتون ۽ هڪ رکوع آهي

اللّٰه ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

(اي انسان!) پاڻ ۾ گهڻائيءَ (جي حرص) اوهان کي (آخرت کان) غافل ڪيو (١). تانجو قبرن کي ڏٺوَ (٢). اِئين نہ آهي، سگهوئي ڄاڻندؤ (٣). (وري چئون ٿا تہ) نہ نہ! سگهوئي ڄاڻندؤ (٤). اصل نہ! جيڪڏهن پڪي ويساھ سان ڄاڻو ها (تہ غافل نہ ٿيو ها) (٥). (قسم آهي) تہ ضرور دوزخ کي ڏسندؤ (٦). وري بہ اُن کي يقين واريءَ اک ساڻ ضرور ڏسندؤ (٧). وري اُن ڏينهن نعمتن بابت اوهان کان ضرور پڇبو (٨).

## سُوْرَةُ الْعَصْرِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ○

وَالْعَصْرِ ۝١ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِیْ خُسْرٍ ۝٢ اِلَّا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَ
عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَتَوَاصَوْا بِالْحَقِّ ۙ وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ ۝٣

## سُوْرَةُ الْهُمَزَةِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ○

وَیْلٌ لِّكُلِّ هُمَزَةٍ لُّمَزَةِ ۝١ الَّذِیْ جَمَعَ مَالًا وَّعَدَّدَهٗ ۝٢
یَحْسَبُ اَنَّ مَالَهٗۤ اَخْلَدَهٗ ۝٣ كَلَّا لَیُنْۢبَذَنَّ فِی الْحُطَمَةِ ۝٤ وَمَاۤ
اَدْرٰىكَ مَا الْحُطَمَةُ ۝٥ نَارُ اللّٰهِ الْمُوْقَدَةُ ۝٦ الَّتِیْ تَطَّلِعُ عَلَى
الْاَفْـِٕدَةِ ۝٧ اِنَّهَا عَلَیْهِمْ مُّؤْصَدَةٌ ۝٨ فِیْ عَمَدٍ مُّمَدَّدَةٍ ۝٩

## سُوْرَةُ الْفِیْلِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ○

اَلَمْ تَرَ كَیْفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِاَصْحٰبِ الْفِیْلِ ۝١ اَلَمْ یَجْعَلْ
كَیْدَهُمْ فِیْ تَضْلِیْلٍ ۝٢ وَّاَرْسَلَ عَلَیْهِمْ طَیْرًا اَبَابِیْلَ ۝٣
تَرْمِیْهِمْ بِحِجَارَةٍ مِّنْ سِجِّیْلٍ ۝٤ فَجَعَلَهُمْ كَعَصْفٍ مَّاْكُوْلٍ ۝٥

## سورة العصر مڪي آهي ۽ هن ۾ ٽي آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

زماني جو قسم آهي (١). ته بيشڪ انسان گهاٽي ۾ آهي (٢). سواءِ اُنهن جي جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ۽ هڪ ٻئي کي سچ جي وصيت ڪيائون ۽ هڪ ٻئي کي صبر جي وصيت ڪيائون (٣).

## سورة الهمزة مڪي آهي ۽ هن ۾ نو آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

(اُنهيءَ) سيڪنهن گلا ڪندڙ عيب ڳوليندڙ لاءِ ويل آهي (١). جنهن مال گڏ ڪيو ۽ اُهو ڳڻي ڳڻي رکيائين (٢). ڀائيندو آهي ته سندس مال ڪيس سدائين رهائيندو (٣). هرگز ائين نه آهي، ضرور حُطمه ۾ اڇلائبس (۴). ۽ ڪنهن سمجهايئي ته حُطمه ڇا آهي؟ (٥). الله جي ٻاريل باه آهي (٦). جا دلين تي چڙهندي (٧). بيشڪ اُها مٿن دربند ڪيل آهي (٨). (جنهن حالت ۾ اُهي) ڊگهن ٿنين ۾ (ٻڌل هوندا) (٩).

## سورة الفيل مڪي آهي ۽ هن ۾ پنج آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

(اي پيغمبر!) نه ڏٺئي ڇا؟ ته تنهنجي پالڻهار هاٿيءَ وارن سان ڪيئن ڪيو (١). سندن (ٻڇڙيءَ) رٿ کي بي فائدگيءَ ۾ نه ڪيائين ڇا؟ (٢). ۽ وَلر وَلر پکي مٿن موڪليائين (٣). جن ڪڪريٽ جون پٿريون کين هنيون ٿي (۴). پوءِ اولڙ گاهه جيان کين ڪيائين (٥).

## سُوْرَةُ قُرَيْشٍ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

لِاِیْلٰفِ قُرَیْشٍ ﴿١﴾ اٖلٰفِهِمْ رِحْلَةَ الشِّتَآءِ وَ الصَّیْفِ ﴿٢﴾ فَلْیَعْبُدُوْا
رَبَّ هٰذَا الْبَیْتِ ﴿٣﴾ الَّذِیْۤ اَطْعَمَهُمْ مِّنْ جُوْعٍ وَّ اٰمَنَهُمْ مِّنْ خَوْفٍ ﴿٤﴾

## سُوْرَةُ الْمَاعُوْنِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

اَرَءَیْتَ الَّذِیْ یُكَذِّبُ بِالدِّیْنِ ﴿١﴾ فَذٰلِكَ الَّذِیْ یَدُعُّ الْیَتِیْمَ ﴿٢﴾ وَ
لَا یَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِیْنِ ﴿٣﴾ فَوَیْلٌ لِّلْمُصَلِّیْنَ ﴿٤﴾ الَّذِیْنَ هُمْ عَنْ
صَلَاتِهِمْ سَاهُوْنَ ﴿٥﴾ الَّذِیْنَ هُمْ یُرَآءُوْنَ ﴿٦﴾ وَ یَمْنَعُوْنَ الْمَاعُوْنَ ﴿٧﴾

## سُوْرَةُ الْكَوْثَرِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

اِنَّاۤ اَعْطَیْنٰكَ الْكَوْثَرَ ﴿١﴾ فَصَلِّ لِرَبِّكَ وَ انْحَرْ ﴿٢﴾ اِنَّ شَانِئَكَ هُوَ الْاَبْتَرُ ﴿٣﴾

## سُوْرَةُ الْكٰفِرُوْنَ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

قُلْ یٰۤاَیُّهَا الْكٰفِرُوْنَ ﴿١﴾ لَاۤ اَعْبُدُ مَا تَعْبُدُوْنَ ﴿٢﴾

## سورة القريش مكي آهي ۽ هن ۾ چار آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي

اللہ ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

قريشن کي اُلفت ڏيارڻ (جي احسان جي شڪر) سببان (١). (جو) سياري ۽ اونهاري جي سفر ۾ کين اُلفت ڏيارڻ آهي (٢). تنهن ڪري گهرجين ته هن گهر جي (اُنهيءَ) مالڪ جي عبادت ڪن (٣). جنهن کين بک ۾ کاڌو کارايو ۽ کين ڀؤ کان امن ڏنو (٤).

## سورة الماعون مكي آهي ۽ هن ۾ ست آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي

اللہ ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

(اي پيغمبر!) اُنهيءَ کي ڏٺئي ڇا؟ جيڪو عملن جي بدلي ملڻ کي ڪوڙ ڀائيندو آهي (١). پوءِ هيءُ اُهو آهي جو ڇوري ٻار کي ڌڪيندو آهي (٢). ۽ (ڪنهن کي) مسڪين جي کارائڻ تي رغبت نه ڏياريندو آهي (٣). پوءِ اُنهن نمازين لاءِ ويل آهي (٤). جي پنهنجين نمازن کان غافل رهندا آهن (٥). اُهي جيڪي رياءُ ڪندا آهن (٦). ۽ (اڌاريون گهريل) معمولي شيون جهليندا آهن (٧).

## سورة الكوثر مكي آهي ۽ هن ۾ ٽي آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي

اللہ ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

(اي پيغمبر!) بيشڪ اسان توکي ڪوثر عطا ڪيو (١). تنهن ڪري پنهنجي پالڻهار جي لاءِ نماز پڙهه ۽ قرباني ڪر (٢). بيشڪ تنهنجو ويري ئي بي نسل آهي (٣).

## سورة كافرون مكي آهي ۽ هن ۾ ڇه آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي

اللہ ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

(اي پيغمبر! ڪافرن کي) چؤ ته اي ڪافرؤ (١). نڪي (آءٌ) ان جي عبادت ڪندس جنهن جي (اوهين) عبادت ڪندا آهيو (٢).

وَلَآ اَنۡتُمۡ عٰبِدُوۡنَ مَآ اَعۡبُدُ ۚ﴿۳﴾ وَلَآ اَنَا عَابِدٌ مَّا عَبَدۡتُّمۡ ۙ﴿۴﴾ وَ
لَآ اَنۡتُمۡ عٰبِدُوۡنَ مَآ اَعۡبُدُ ؕ﴿۵﴾ لَكُمۡ دِيۡنُكُمۡ وَلِىَ دِيۡنِ ﴿۶﴾ ع

## سُوۡرَةُ النَّصۡرِ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

اِذَا جَآءَ نَصۡرُ اللّٰهِ وَالۡفَتۡحُ ۙ﴿۱﴾ وَرَاَيۡتَ النَّاسَ يَدۡخُلُوۡنَ فِىۡ دِيۡنِ
اللّٰهِ اَفۡوَاجًا ۙ﴿۲﴾ فَسَبِّحۡ بِحَمۡدِ رَبِّكَ وَاسۡتَغۡفِرۡهُ ؔؕ اِنَّهٗ كَانَ تَوَّابًا ﴿۳﴾ ع

## سُوۡرَةُ تَبَّتۡ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

تَبَّتۡ يَدَاۤ اَبِىۡ لَهَبٍ وَّتَبَّ ؕ﴿۱﴾ مَاۤ اَغۡنٰى عَنۡهُ مَالُهٗ وَمَا
كَسَبَ ؕ﴿۲﴾ سَيَصۡلٰى نَارًا ذَاتَ لَهَبٍ ۙۚ﴿۳﴾ وَّامۡرَاَتُهٗ ؕ حَمَّالَةَ
الۡحَطَبِ ۚ﴿۴﴾ فِىۡ جِيۡدِهَا حَبۡلٌ مِّنۡ مَّسَدٍ ﴿۵﴾ ع

## سُوۡرَةُ الۡاِخۡلَاصِ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۚ﴿۱﴾ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۚ﴿۲﴾ لَمۡ يَلِدۡ ۙ وَلَمۡ
يُوۡلَدۡ ۙ﴿۳﴾ وَلَمۡ يَكُنۡ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ﴿۴﴾ ع

۽ نڪي اوهين ان جي عبادت ڪندؤ جنهن جي آءٌ عبادت ڪندو آهيان (٣). ۽ نڪي آءٌ ان جي عبادت ڪندس جنهن جي اوهان عبادت ڪئي (۴). ۽ نڪي اوهين اُن جي عبادت ڪندؤ جنهن جي آءٌ عبادت ڪندو آهيان (٥). اوهان لاءِ اوهان جو دين ۽ مون لاءِ منهنجو دين آهي (٦).

**سورة نصر مدني آهي ۽ هن ۾ ٽي آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي**

**الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)**

جڏهن الله جي مدد ۽ سوب اچي (١) ۽ ماڻهن کي الله جي دين ۾ ٽوليون ٽوليون ٿي گهرندو ڏسين (٢). تڏهن (تون) پنهنجي پالڻهار جي ساراهه سان گڏ پاڪائي بيان ڪر ۽ کانئس بخشش گهر. ڇو ته اُهو ٻاجهه سان موٽندو آهي (٣).

**سورة تبت مڪي آهي ۽ هن ۾ پنج آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي**

**الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)**

ابولهب جا هٿ (شال) ڀڄن ۽ (شال پاڻ به) هلاڪ ٿئي (١). سندس مال ۽ جيڪي ڪمايائين تنهن کانئس (الله جو عذاب) نه ٽاريو (٢). جيئي ٻاريءَ باهه ۾ سگهو گهڙندو (٣). ۽ سندس زال به جا ڪاٺين (جي لڏ) کڻندڙ آهي (۴). جنهن جي ڳچيءَ ۾ ڪاٻر جو نوڙ پيل آهي (٥).

**سورة الاخلاص مڪي آهي ۽ هن ۾ چار آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي**

**الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)**

(اي پيغمبر ڪافرن کي) چؤ ته الله اڪيلو آهي (١). الله بي احتياج آهي (٢). نڪي ڄڻيائين ۽ نڪي ڄڻيو ويو (٣). ۽ سندس برابر ڪوبه ڪونهي (۴).

## سُوْرَةُ الْفَلَقِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ ۙ﴿۱﴾ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ ۙ﴿۲﴾ وَمِنْ شَرِّ غَاسِقٍ اِذَا
وَقَبَ ۙ﴿۳﴾ وَمِنْ شَرِّ النَّفّٰثٰتِ فِى الْعُقَدِ ۙ﴿۴﴾ وَمِنْ شَرِّ حَاسِدٍ اِذَا حَسَدَ ﴿۵﴾ ع

## سُوْرَةُ النَّاسِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ ۙ﴿۱﴾ مَلِكِ النَّاسِ ۙ﴿۲﴾ اِلٰهِ النَّاسِ ۙ﴿۳﴾
مِنْ شَرِّ الْوَسْوَاسِ ۙ الْخَنَّاسِ ۙ﴿۴﴾ الَّذِىْ يُوَسْوِسُ فِىْ
صُدُوْرِ النَّاسِ ۙ﴿۵﴾ مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ ﴿۶﴾ ع

## سورة الفلق مدني آهي ۽ هن ۾ پنج آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي

اللّٰه ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

(اي پيغمبر!) چؤ ته، صبح جي رب جي پناه گهران ٿو (١). جيڪي پيدا ڪيو اٿس، تنهن جي بڇڙائيءَ کان (٢). ۽ اونداهي ڪندڙ (رات) جي بڇڙائيءَ کان جڏهن اُها پکڙجي (٣). ۽ ڳنڍين ۾ ڦوڪيندڙين (عورتن) جي بڇڙائيءَ کان (۴). ۽ مسَهوءَ جي بڇڙائي کان جڏهن (اُهو) مسهائي ڪري (٥).

## سورة الناس مدني آهي ۽ هن ۾ ڇهه آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي

اللّٰه ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

(اي پيغمبر!) چؤ ته، ماڻهن جي پالڻهار جي پناهه گهران ٿو (١). ماڻهن جي بادشاهه جي (٢). ماڻهن جي (سچي) معبود جي (٣). پٺتي هٽي ويندڙ (شيطان) جي وسوسن جي بڇڙائيءَ کان (۴). جيڪو ماڻهن جي سينن ۾ وسوسو وجهي ٿو (٥). جو جنّن (جي جنس) مان هجي يا ماڻهن (جي جنس) مان (٦).

# قرآن شريف جي وقفن جون نشانيون

هر هڪ ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ جڏهن گفتگو ڪن ٿا ته ڪٿي رڪجي وڃن ٿا، ڪٿي نٿا رڪجن. ڪٿي گهٽ رڪجن ٿا، ڪٿي زياده. ۽ انهيءَ رڪجڻ ۽ نه رڪجڻ کي ڳالهه جي صحيح بيان ڪرڻ ۽ اُن جو صحيح مطلب سمجهڻ ۾ وڏو دخل يا لاڳاپو آهي. قرآن مجيد جي عبارت به گفتگو يا ڳالهه ٻولهه جي انداز ۾ واقع ٿي آهي. انهي ڪري علم وارن ان جي رڪجڻ نه رڪجڻ جون نشانيون مقرر ڪري ڇڏيون آهن. جن کي رموزِ اوقافِ قرآن مجيد يعني قرآن مجيد جي وقفن جا نمونا يا نشان چون ٿا. ضروري آهي ته قرآن مجيد جي تلاوت ڪندڙ انهن رمزن ۽ نشانين کي خيال ۾ رکن. ۽ اُهي هي آهن:

**O**: جتي ڳالهه پوري ٿي وڃي ٿي، اُتي ننڍڙو گول نشان لکي ڇڏين ٿا. هي حقيقت ۾ گول ت آهي جا بصورت ة لکي وڃي ٿي. ۽ اها وقف تام يا رڪجڻ جي علامت آهي يعني ان تي رڪجڻ گهرجي. هاڻي ة نه نٿي لکي وڃي پر ننڍڙو گول نشان ڏنو وڃي ٿو. ان کي آيت چون ٿا.

**م**: هيءَ علامت يا نشان وقف لازم جي آهي. ان تي ضرورت رڪجڻ گهرجي. جيڪڏهن نه رڪبو ته گمان آهي ته مطلب ڇا جو ڇا ٿي وڃي. ان جو مثال سنڌيءَ ۾ هيئنن سمجهڻ گهرجي ته ڪنهن کي هي چوڻو هجي ته اُٿو. نه ويهو. جنهن ۾ اٿڻ جو امر ٿيل آهي ۽ ويهڻ جي منع ڪيل آهي. ته اُٿو تي رڪجڻ لازم آهي. جيڪڏهن نه رُڪبو ته،اٿو نه،ويهو،ٿي ويندو جنهن ۾ اٿڻ جي منع ۽ ويهڻ جي امر جو گمان آهي. ۽ اهو قائل (چوڻ واري جي) مطلب جي خلاف ٿي ويندو.

**ط:** وقف مطلق جي نشاني آهي ان تي رڪجڻ گهرجي. پر اها علامت اُتي هجي ٿي جتي مطلب پورو نٿو ٿئي. ۽ ڳالھ چوڻ وارو اجا ڪجھ ٻيو به چوڻ گھري ٿو.

**ج:** وقف جائز جي علامت آهي. هتي رڪجڻ چڱو ۽ نہ رڪجڻ جائز آهي.

**ز:** علامت وقف مجوز جي آهي. هتي نہ رڪجڻ چڱو آهي.

**ص:** علامت وقف مرخص جي آهي. هتي ملائي پڙهڻ گهرجي. پر جيڪڏهن ڪو ٿڪجي رڪجي وڃي تہ موڪل آهي. معلوم رهي تہ ص تي ملائي پڙهڻ ز جي نسبت زياده ترجيح رکي ٿو.

**صلے:** الوصل اوليٰ جو اختصار آهي. هتي ملائي پڙهڻ بهتر آهي.

**قلے:** الوقف اَولي جو اختصار آهي، هتي بيهڻ بهتر آهي.

**ق:** قيل عليہ الوقف جو اختصار آهي هتي رڪجڻ نہ گهرجي.

**صل:** قد يوصل جي علامت آهي. يعني هتي ڪڏهن رڪيو بہ وڃي، ڪڏهن نہ. پر رڪجڻ چڱو آهي.

**قف:** هن لفظ جي معنيٰ آهي: رڪجي وڃو. ۽ اها علامت اُتي ڪم آندي ويندي آهي جتي پڙهڻ واري جي ملائي پڙهڻ جو احتمال هجي.

**س يا سکتة:** سڪتي جي علامت آهي. هتي ڪي قدر رڪجڻ گهرجي پر ساھ ٽُٽڻ نہ گهرجي.

**لا:** لا جي معنيٰ نہ جي آهي. هيءَ علامت ڪٿي آيت جي مٿان استعمال ڪئي وڃي ٿي ۽ ڪٿي عبارت جي اندر. عبارت جي اندر هجي تہ هرگز رڪجڻ نہ گهرجي. آيت جي مٿان هجي تہ رڪجڻ يا نہ رڪجڻ ٻنهي طرح جائز آهي.

**ڪ:** ڪذالڪ جي علامت آهي يعني جيڪا رمز پهرين آهي اهائي هتي بہ سمجهي وڃي.

# قرآن مجيد جي سورتن جي فهرست


| سورت نمبر | سورت جو نالو | صفحو نمبر | سيپارو نمبر | سورت نمبر | سورت جو نالو | صفحو نمبر | سيپارو نمبر |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ۱ | سُوْرَةُ الْفَاتِحَة | ۲ | ۱ | ۲۸ | سُوْرَةُ الْقَصَص | ۳۸۶ | ۲۰ |
| ۲ | سُوْرَةُ الْبَقَرَة | ۳ | ۱ - ۲ - ۳ | ۲۹ | سُوْرَةُ الْعَنْكَبُوت | ۳۹۷ | ۲۰ - ۲۱ |
| ۳ | سُوْرَةُ اٰلِ عِمْرٰن | ۵۱ | ۳ - ۴ | ۳۰ | سُوْرَةُ الرُّوم | ۴۰۵ | ۲۱ |
| ۴ | سُوْرَةُ النِّسَآء | ۷۸ | ۴ - ۵ - ۶ | ۳۱ | سُوْرَةُ لُقْمَان | ۴۱۲ | ۲۱ |
| ۵ | سُوْرَةُ الْمَآئِدَة | ۱۰۷ | ۶ - ۷ | ۳۲ | سُوْرَةُ السَّجْدَة | ۴۱۶ | ۲۱ |
| ۶ | سُوْرَةُ الْاَنْعَام | ۱۲۹ | ۷ - ۸ | ۳۳ | سُوْرَةُ الْاَحْزَاب | ۴۱۹ | ۲۱ - ۲۲ |
| ۷ | سُوْرَةُ الْاَعْرَاف | ۱۵۲ | ۸ - ۹ | ۳۴ | سُوْرَةُ سَبَا | ۴۲۹ | ۲۲ |
| ۸ | سُوْرَةُ الْاَنْفَال | ۱۷۸ | ۹ - ۱۰ | ۳۵ | سُوْرَةُ فَاطِر | ۴۳۵ | ۲۲ |
| ۹ | سُوْرَةُ التَّوْبَة | ۱۸۸ | ۱۰ - ۱۱ | ۳۶ | سُوْرَةُ يٰسٓ | ۴۴۱ | ۲۲ - ۲۳ |
| ۱۰ | سُوْرَةُ يُوْنُس | ۲۰۹ | ۱۱ | ۳۷ | سُوْرَةُ الصّٰٓفّٰت | ۴۴۶ | ۲۳ |
| ۱۱ | سُوْرَةُ هُوْد | ۲۲۲ | ۱۱ - ۱۲ | ۳۸ | سُوْرَةُ صٓ | ۴۵۳ | ۲۳ |
| ۱۲ | سُوْرَةُ يُوْسُف | ۲۳۶ | ۱۲ - ۱۳ | ۳۹ | سُوْرَةُ الزُّمَر | ۴۵۹ | ۲۳ - ۲۴ |
| ۱۳ | سُوْرَةُ الرَّعْد | ۲۵۰ | ۱۳ | ۴۰ | سُوْرَةُ الْمُؤْمِن | ۴۶۸ | ۲۴ |
| ۱۴ | سُوْرَةُ اِبْرٰهِيْم | ۲۵۶ | ۱۳ | ۴۱ | سُوْرَةُ حٰمٓ السَّجْدَة | ۴۷۸ | ۲۴ - ۲۵ |
| ۱۵ | سُوْرَةُ الْحِجْر | ۲۶۲ | ۱۳ - ۱۴ | ۴۲ | سُوْرَةُ الشُّوْرٰى | ۴۸۳ | ۲۵ |
| ۱۶ | سُوْرَةُ النَّحْل | ۲۶۸ | ۱۴ | ۴۳ | سُوْرَةُ الزُّخْرُف | ۴۹۰ | ۲۵ |
| ۱۷ | سُوْرَةُ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْل | ۲۸۳ | ۱۵ | ۴۴ | سُوْرَةُ الدُّخَان | ۴۹۶ | ۲۵ |
| ۱۸ | سُوْرَةُ الْكَهْف | ۲۹۴ | ۱۵ - ۱۶ | ۴۵ | سُوْرَةُ الْجَاثِيَة | ۴۹۹ | ۲۵ |
| ۱۹ | سُوْرَةُ مَرْيَم | ۳۰۶ | ۱۶ | ۴۶ | سُوْرَةُ الْاَحْقَاف | ۵۰۳ | ۲۶ |
| ۲۰ | سُوْرَةُ طٰهٰ | ۳۱۳ | ۱۶ | ۴۷ | سُوْرَةُ مُحَمَّد | ۵۰۷ | ۲۶ |
| ۲۱ | سُوْرَةُ الْاَنْبِيَآء | ۳۲۳ | ۱۷ | ۴۸ | سُوْرَةُ الْفَتْح | ۵۱۲ | ۲۶ |
| ۲۲ | سُوْرَةُ الْحَجّ | ۳۳۲ | ۱۷ | ۴۹ | سُوْرَةُ الْحُجُرَات | ۵۱۶ | ۲۶ |
| ۲۳ | سُوْرَةُ الْمُؤْمِنُوْن | ۳۴۳ | ۱۸ | ۵۰ | سُوْرَةُ قٓ | ۵۱۹ | ۲۶ |
| ۲۴ | سُوْرَةُ النُّوْر | ۳۵۱ | ۱۸ | ۵۱ | سُوْرَةُ الذّٰرِيٰت | ۵۲۱ | ۲۶ - ۲۷ |
| ۲۵ | سُوْرَةُ الْفُرْقَان | ۳۶۰ | ۱۸ - ۱۹ | ۵۲ | سُوْرَةُ الطُّوْر | ۵۲۴ | ۲۷ |
| ۲۶ | سُوْرَةُ الشُّعَرَآء | ۳۶۷ | ۱۹ | ۵۳ | سُوْرَةُ النَّجْم | ۵۲۷ | ۲۷ |
| ۲۷ | سُوْرَةُ النَّمْل | ۳۷۷ | ۱۹ - ۲۰ | ۵۴ | سُوْرَةُ الْقَمَر | ۵۲۹ | ۲۷ |

# قرآن مجيد جي سورتن جي فهرست



| سورت نمبر | سورت جو نالو | صفحو نمبر | سيپارو نمبر |
|---|---|---|---|
| ۵۵ | سُوۡرَةُ الرَّحۡمٰن | ۵۳۲ | ۲۷ |
| ۵۶ | سُوۡرَةُ الوَاقِعَة | ۵۳۵ | ۲۷ |
| ۵۷ | سُوۡرَةُ الحَدِيۡد | ۵۳۸ | ۲۷ |
| ۵۸ | سُوۡرَةُ المجَادلة | ۵۴۳ | ۲۸ |
| ۵۹ | سُوۡرَةُ الحَشر | ۵۴۶ | ۲۸ |
| ۶۰ | سُوۡرَةُ المُمۡتَحنَة | ۵۵۰ | ۲۸ |
| ۶۱ | سُوۡرَةُ الصَّف | ۵۵۲ | ۲۸ |
| ۶۲ | سُوۡرَةُ الجُمُعَة | ۵۵۴ | ۲۸ |
| ۶۳ | سُوۡرَةُ المُنَافِقون | ۵۵۵ | ۲۸ |
| ۶۴ | سُوۡرَةُ التَّغَابُن | ۵۵۷ | ۲۸ |
| ۶۵ | سُوۡرَةُ الطَّلَاق | ۵۵۹ | ۲۸ |
| ۶۶ | سُوۡرَةُ التَّحرِيۡم | ۵۶۱ | ۲۸ |
| ۶۷ | سُوۡرَةُ المُلك | ۵۶۳ | ۲۹ |
| ۶۸ | سُوۡرَةُ القَلَم | ۵۶۵ | ۲۹ |
| ۶۹ | سُوۡرَةُ الحَاقّة | ۵۶۸ | ۲۹ |
| ۷۰ | سُوۡرَةُ المعَارج | ۵۷۰ | ۲۹ |
| ۷۱ | سُوۡرَةُ نُوح | ۵۷۲ | ۲۹ |
| ۷۲ | سُوۡرَةُ الجِنّ | ۵۷۴ | ۲۹ |
| ۷۳ | سُوۡرَةُ المزَّمّل | ۵۷۷ | ۲۹ |
| ۷۴ | سُوۡرَةُ المدَّثِّر | ۵۷۹ | ۲۹ |
| ۷۵ | سُوۡرَةُ القِيَامَة | ۵۸۱ | ۲۹ |
| ۷۶ | سُوۡرَةُ الدَّهر | ۵۸۳ | ۲۹ |
| ۷۷ | سُوۡرَةُ المُرسَلات | ۵۸۵ | ۲۹ |
| ۷۸ | سُوۡرَةُ النَّبَإ | ۵۸۷ | ۳۰ |
| ۷۹ | سُوۡرَةُ النّازِعات | ۵۸۸ | ۳۰ |
| ۸۰ | سُوۡرَةُ عَبَسَ | ۵۹۰ | ۳۰ |
| ۸۱ | سُوۡرَةُ التَّكوِير | ۵۹۱ | ۳۰ |
| ۸۲ | سُوۡرَةُ الاِنفِطار | ۵۹۲ | ۳۰ |
| ۸۳ | سُوۡرَةُ المُطَفِّفِين | ۵۹۳ | ۳۰ |
| ۸۴ | سُوۡرَةُ الاِنشِقاق | ۵۹۵ | ۳۰ |
| ۸۵ | سُوۡرَةُ البُرُوج | ۵۹۶ | ۳۰ |
| ۸۶ | سُوۡرَةُ الطَّارِق | ۵۹۷ | ۳۰ |
| ۸۷ | سُوۡرَةُ الاَعلٰى | ۵۹۸ | ۳۰ |
| ۸۸ | سُوۡرَةُ الغَاشِيَة | ۵۹۸ | ۳۰ |
| ۸۹ | سُوۡرَةُ الفَجر | ۵۹۹ | ۳۰ |
| ۹۰ | سُوۡرَةُ البَلَد | ۶۰۱ | ۳۰ |
| ۹۱ | سُوۡرَةُ الشَّمس | ۶۰۱ | ۳۰ |
| ۹۲ | سُوۡرَةُ اللَّيل | ۶۰۲ | ۳۰ |
| ۹۳ | سُوۡرَةُ الضُّحٰى | ۶۰۳ | ۳۰ |
| ۹۴ | سُوۡرَةُ الشَّرح | ۶۰۳ | ۳۰ |
| ۹۵ | سُوۡرَةُ التِّين | ۶۰۴ | ۳۰ |
| ۹۶ | سُوۡرَةُ العَلَق | ۶۰۴ | ۳۰ |
| ۹۷ | سُوۡرَةُ القَدر | ۶۰۵ | ۳۰ |
| ۹۸ | سُوۡرَةُ البَيِّنَة | ۶۰۵ | ۳۰ |
| ۹۹ | سُوۡرَةُ الزِّلزَال | ۶۰۶ | ۳۰ |
| ۱۰۰ | سُوۡرَةُ العَادِيات | ۶۰۶ | ۳۰ |
| ۱۰۱ | سُوۡرَةُ القَارِعَة | ۶۰۷ | ۳۰ |
| ۱۰۲ | سُوۡرَةُ التَّكَاثُر | ۶۰۷ | ۳۰ |
| ۱۰۳ | سُوۡرَةُ العَصر | ۶۰۸ | ۳۰ |
| ۱۰۴ | سُوۡرَةُ الهُمَزَة | ۶۰۸ | ۳۰ |
| ۱۰۵ | سُوۡرَةُ الفِيل | ۶۰۸ | ۳۰ |
| ۱۰۶ | سُوۡرَةُ قُرَيش | ۶۰۹ | ۳۰ |
| ۱۰۷ | سُوۡرَةُ المَاعون | ۶۰۹ | ۳۰ |
| ۱۰۸ | سُوۡرَةُ الكَوثَر | ۶۰۹ | ۳۰ |
| ۱۰۹ | سُوۡرَةُ الكَافِرون | ۶۰۹ | ۳۰ |
| ۱۱۰ | سُوۡرَةُ النَّصر | ۶۱۰ | ۳۰ |
| ۱۱۱ | سُوۡرَةُ تَبَّت | ۶۱۰ | ۳۰ |
| ۱۱۲ | سُوۡرَةُ الاِخلاص | ۶۱۰ | ۳۰ |
| ۱۱۳ | سُوۡرَةُ الفَلَق | ۶۱۱ | ۳۰ |
| ۱۱۴ | سُوۡرَةُ النَّاس | ۶۱۱ | ۳۰ |

إنّ وزارة الشؤون الإسلامية والأوقاف والدعوة والإرشاد

في المملكة العربية السعودية

المشرفة على مجمع الملك فهد

لطباعة المصحف الشريف في المدينة المنورة

إذ يسرّها أن يصدر المجمع هذه الطبعة من القرآن الكريم

وترجمة معانيه إلى اللغة السنديّة

تسأل الله تعالى أن ينفع بها النّاس

وأن يجزي

خادم الحرمين الشريفين الملك فهد بن عبد العزيز آل سعود

أحسن الجزاء على جهوده العظيمة في نشر كتاب الله الكريم

والله وليّ التوفيق

---

**وزارت اسلامي امور ۽ اوقاف ۽ دعوت وارشاد**
**حڪومت سعودي عرب**

بحيثيت نگران شاھ فھد قرآن شريف

پرنٽنگ ڪمپليڪس مدينہ منوره جيئن تہ ڪمپليڪس پاران ھن

قرآن شريف ۽ سندس سنڌي ترجمي جي اشاعت تي خوشي

محسوس ڪري رھي آھي تنھن دعا گھري رھي آھي تہ الله سائين

کيس ماڻھن لاءِ مفيد بڻائي ۽ خادم حرمين شريفين شاھ فھد بن

عبدالعزيز آل سعود کي قرآن شريف جي نشر و اشاعت بابت

ججھي ڪاوشن تي جزاءِ خير عطا فرمائي.

الله ئي توفيق بخشيندڙ آھي.

الله تعاليٰ
جي مدد ۽ توفيق
سان هن قرآن شريف ۽ سنڌي
ترجمي جي ڇپائي شاهه فهد قرآن
شريف پرنٽنگ ڪمپليڪس مديني
منوره ۾ وزارت اسلامي امور ۽
اوقاف ۽ دعوت و ارشاد حڪومت
سعودي عرب جي نگراني اندر
سن ١۴٢٣ هه ۾
مڪمل ٿي.

ڇپائي جا حقوق
شاهه فهد قرآن شريف پرنٽنگ ڪمپليڪس وٽ محفوظ آهن
ص ب ٦٢٦٢ـ مدينه منوره

ⓗ مجمع الملك فهد لطباعة المصحف الشريف ، ١٤٢٣هـ
فهرسة مكتبة الملك فهد الوطنية أثناء النشر
ترجمة معاني القرآن إلى اللغة السندية - المدينة المنورة .
١٢٣٢ ص ، ١٤ × ٢١ سم
ردمك : ٤ - ٤٥ - ٨٤٧ - ٩٩٦٠
١- القرآن الكريم - ترجمة - اللغة السندية
ديوي ٢٢١,٤٩ ٢٣/١٨٨٨

رقم الإيداع : ٢٣/١٨٨٨
ردمـك : ٤ - ٤٥ - ٨٤٧ - ٩٩٦٠

مجمع الملك فهد لطباعة المصحف الشريف
المراقبة النهائية
٣٠

(٤٠٠٠/د٤٠٠) (٦) (١) ردمـك : ٤ - ٤٥ - ٨٤٧ - ٩٩٦٠

# القرآن الكريم

وترجمة معانيه إلى

اللغة السندية